مجمع الفیوضات

یعنی

ملفوظات شریف

مشتمل

سید محمد ارشاد رضوی قادری

۱۱۷۱ - ۱۲۳۳ھ



جامعہ ارشدیہ رضویہ

بسم الله الرحمن الرحيم

اولئك هم الراشدون فضلا من الله ونعمة

مجمع الفيوضات

مع صحبت نامه

ملفوظات شريف

امام العارفين حضرت پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي قدس سره

جامع

عارف بالله الودود حضرت خليفه فقير محمود نظاماڻي رحمة الله عليه (مجمع الفيوضات)

عارف بالله خليفه محمد حسين مهيسر رحمة الله عليه (صحبت نامه)

سنڈيڪار

عارف بالله مفتي محمد قاسم مشوري رحمة الله عليه (جلد اول)

علامه مفتي در محمد سكندري رحمة الله عليه (جلد دوم)

علامه مفتي عبدالرحيم سكندري رحمة الله عليه (صحبت نامه)

ڪمپوزنگ، پروف ۽ ڊيزائين

حافظ عبدالقيوم مهر سكندري

ناشر

سكندريه پبليڪيشنز جامعه راشديه درگاه شريف پيرسائين پاڳارا

2018ء/1439ھ

سڀئي حق ۽ واسطا محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو:	مجمع الفيوضات ۽ صحبت نامون
جامع:	عارف باللّٰه خليفه محمود فقير نظاماڻي
مترجم:	علامه مفتي محمد قاسم مشوري جلد اول
	علامه مفتي درمحمد سڪندري جلد دوم
	علامه مفتي عبدالرحيم سڪندري صحبت نامون
زير اهتمام:	علامه مفتي محمد رحيم سڪندري
	علامه فقير محمد اسماعيل سڪندري
پروف ريڊنگ:	علامه دوست علي سڪندري، حافظ عبدالقيوم سڪندري
اشاعتي نگران:	علامه عنايت اللّٰه سڪندري، حافظ محمد مريد سڪندري
ڪمپوزنگ:	ميمونه ڪمپوزرس سنجهورو (جلد اول)
	محمد واصف پٹو
ٽائيٽل ڪيليگرافي:	فقير فيض محمد سڪندري
تعداد:	1000
سنِ اشاعت:	پيرو نائون: رجب المرجب 1439ھ اپريل 2018

Contact
aqm086@gmail.com
mmsikandri263@gmail.com
0243610401- 03002892785

انتساب

قبلہ کونین، کعبہ دارین مجمع الفیوضات، منبع البرکات
صاحبِ جود و سخا، تاج الاصفیاء، محب العلماء و مربي الطلباء
مقتداءِ اهلِ صدق و صفا، مشفق الغرباء والفقراء، محسن ملت الاسلام

سیدنا و مرشدنا حضرت پیر سائین سید سکندر علي شاهہ المعروف
شاهہ مردان شاهہ ثاني "چٹ ڈٹي" پیر پاڳارو (ستون)

قدسنا الله بسره الاقدس جي حضور نهايت ادب ۽ احترام سان
منتسب ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪجي ٿي،
جن جي توجه، شفقت ۽ ڪرم نوازي جو مهر ۽ باجهہ پريو هٿ
ملڪ جي سيني ماڻهن تي عمومًا، هر جماعت ۽ سڪندري عالمن تي
خصوصًا شامل حال رهيو. ۽ اڄ به نسبت وارن کي روحاني طرح
فيض ۽ برڪت سان مستفيض فرمائي رهيا آهن.

تا نہ بود ز جانب معشوق کششے
کوشش عاشق بیچارہ بجاء نہ رسد

شجرہ طیبہ

سلسلہ نسب شریف

حضرت پیر سائین سید صبغت اللہ شاہ "ثالث" (الون پاگارو) دامت برکاتہ العالیہ

- حضرت سید صبغت اللہ شاہ "ثالث"
(موجودہ پیر سائین پاگارو)
دامت برکاتہ العالیہ
فرزند
- حضرت سید شاہ مردان شاہ (ثاني)
لقب چٹ ڈنی ؒ
فرزند
- حضرت سید محمد صبغت اللہ شاہ (ثاني)
لقب پگ ڈنی (حضرت سورھیہ شہید) ؒ
فرزند
- حضرت سید شاہ مردان شاہ (اول)
لقب [illegible] ڈنی ؒ
فرزند
- حضرت سید حزب [illegible] شاہ "مسکین"
لقب تخت ڈنی ؒ
فرزند
- حضرت سید علي گوهر شاهه (اول)
"اصغر" لقب بنگلي ڈني ؒ
فرزند
- حضرت سید صبغت اللہ شاہ (اول)
لقب تجر ڈنی ؒ
فرزند

- امام العارفین مجدد العصر حضرت پیر سائین سید محمد راشد لقب روضي ڈني ؒ
فرزند
- شمس العارفین سید محمد بقا شاہ "شهید"
لقب حضرت پیر سائین پٹ ڈني ؒ
فرزند
- حضرت سید محمد امام شاہ ؒ
فرزند
- حضرت سید فتح محمد شاہ ؒ
فرزند
- حضرت سید شکر اللہ شاہ ؒ
فرزند
- حضرت سید محمد عثمان شاہ ؒ
فرزند
- حضرت سید کٹن شاہ ؒ
فرزند
- حضرت سید سنجر شاہ ؒ
فرزند
- حضرت سید بولٹ شاہ ؒ
فرزند
- حضرت سید حسین شاہ ؒ
فرزند



فهرست

فصل	عنوان	صفحو
•	هن ايڊيشن بابت	الف
•	عرض حال	ج
•	مترجم پاران	ح
•	قطب الاقطاب فيضمآب حضرت پير سائين روضي ڏٽي جي حيات طيبہ تي اجمالي نظر	ذ
•	ديباچہ از جامع ملفوظات مجمع الفيوضات	ش
•	مقدمو	ف
•	مرشد ڪريمن جي طريقہ قادري ۽ نقشبندي جو شجره طيبہ	ل
•	مرشدن سڳورن جي طريقہ سنيہ قادريہ جو شجره طيبہ	ل
•	اسماءِ شريفہ پيران طريقہ عاليہ نقشبنديہ	م

باب پهريون

فصل پهريون:	ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي پلائي بابت	٣
فصل ٻيون :	عملن جي نيتن بابت	١١
فصل ٽيون:	طلب علم بابت	١٦
فصل چوٿون:	شريعت جي اهميت متعلق	١٨
فصل پنجون:	نماز سڳوري ۽ دعائن گهرڻ جي بيان ۾	٣٩
فصل ڇهون:	ماهہ رمضان شريف ۽ روزن بابت	۴۵

باب ٻيون

فصل پهريون:	حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي متابعت بابت	۴۹
فصل ٻيون:	عزيمت ۽ پرهيز گاري بابت	۶۴
فصل ٽيون:	وعظ ۽ نصيحت بابت	۶۸
فصل چوٿون:	سچ جي پلائي ۽ ڪوڙ جي مذمت ۾	٩٦
فصل پنجون:	عبادت ۽ سخاوت ۾ رياءُ ڪرڻ جي سڌ ۾	٩٨

فصل	عنوان	صفحو

باب ٽيون

فصل پهريون:	صفت جلال ۽ جمال بابت	۱۰۱
فصل ٻيون:	ملامت وارن جي بيان ۾	۱۰۹
فصل ٽيون:	اعتراض ۽ شڪايت ڪرڻ بابت	۱۱۲
فصل چوٿون:	بي ادبي جي تنبيہ بابت	۱۱۸
فصل پنجون:	نا اهلن جي صحبت کان پرهيز ڪرڻ بابت	۱۲۹
فصل ڇهون:	اميد ۽ خوف جي بيان ۾	۱۳۲

باب چوٿون

فصل پهريون:	توبہ ۽ استغفار بابت	۱۳۳
فصل ٻيون:	مرشد جي صحبت ۽ الله تعاليٰ جي طالبن متعلق	۱۳۵
فصل ٽيون:	ادب بابت	۱۴۶
فصل چوٿون:	ذڪرن ۽ شغلن بابت	۱۷۴
فصل پنجون:	قبض ۽ بسط بابت	۱۷۹
فصل ڇهون:	خواب ۽انهن جي تعبير بابت	۱۸۲
فصل ستون:	طلب جي ترغيب بابت	۱۹۶
فصل اٺون:	غفلت کان تنبيہ ڪرڻ بابت	۲۴۵
فصل نائون:	نفس سان مخالفت ڪرڻ بابت	۲۴۹

باب پنجون

فصل پهريون:	ويساهه جي سچائي بابت	۲۶۸
فصل ٻيون:	ولين سڳورن جي سچاڻپ بابت	۲۷۲
فصل ٽيون:	پير سان مريد جي اتحاد ۽ رابطي بابت	۲۸۱
فصل چوٿون:	مرشد جي مريد سان دوستي بابت	۲۹۵
فصل پنجون:	مرشد جو مريد کان آزمائش وٺڻ بابت	۲۹۶

فصل	عنوان	صفحو

باب ڇهون

فصل پهريون:	دنيا ۽ دنيا جي طالبن جي مذمت بابت	۲۹۷
فصل ٻيون:	دنيا جي ترڪ ڪرڻ بابت	۳۱۵
فصل ٽيون:	الله تبارڪ و تعاليٰ تي توڪل ڪرڻ بابت	۳۲۸
فصل چوٿون:	تدبير جي ڇڏڻ بابت	۳۴۸
فصل پنجون:	الله تعاليٰ کان سواءِ مخلوقات کان ڳانڍاپا ڇني ڇڏڻ بابت	۳۵۵

باب ستون

فصل پهريون:	طالبن جي بلند همتي بابت	۳۵۷
فصل ٻيون:	سچن طالبن جي ڪشش بابت	۳۷۰
فصل ٽيون:	مرشد جي مريد تي شفقت بابت	۳۷۵
فصل چوٿون:	الله سبحانہ و تعاليٰ جي ٻانهي تي شفقت بابت	۴۱۹

باب اٺون

فصل پهريون:	جذب ۽ عشق	۴۳۱
فصل ٻيون:	محبت ۽ بيقراري	۴۵۳
فصل ٽيون:	بيخودي ۽ استغراق	۴۶۴
فصل چوٿون:	توحيد ۽ ڪفر حقيقي بابت	۴۷۴
فصل پنجون:	سالڪ جي فنا ۽ بقا	۵۱۴
فصل ڇهون:	هميشہ حاضر دل رهڻ	۵۱۸

باب نائون

فصل پهريون:	حقيقت محمدي ﷺ	۵۲۰
فصل ٻيون:	ڪعبة الله شريف جي فضيلت	۵۲۳
فصل ٽيون:	ڪامل ٻانهي جو عروج ۽ نزول	۵۲۴
فصل چوٿون:	حقيقي اسلام	۵۳۱

فصل	عنوان	صفحو

باب ڏهون

فصل پهريون:	حضور اڪرم ﷺ جن جا معجزا	۵۳۲
فصل ٻيون:	اولياءَ الله جو تصرف	۵۳۵
فصل ٽيون:	اولياءِ ڪرام جون ڪرامتون	۵۶۲

باب يارهون

فصل پهريون:	الله تعاليٰ جو ديدار	۵۸۵
فصل ٻيون:	الله تعاليٰ جي معرفت	۵۹۰
فصل ٽيون:	علم لدني عطا ٿيڻ	۵۹۳
فصل چوٿون:	اونهي ڳالهه اسرار	۵۹۹

باب ٻارهون

فصل پهريون:	فقر ۽ قناعت	۶۱۶
فصل ٻيون:	فتوحات جو اچڻ	۶۲۸
فصل ٽيون:	قضا جي مٺان راضي رهڻ	۶۲۹

باب تيرهون

فصل پهريون:	مخلوق جي خدمت	۶۴۰
فصل ٻيون:	مسڪينن تي رحم ڪرڻ	۶۴۶
فصل ٽيون:	دوا ۽ درمل	۶۵۳
فصل چوٿون:	سخاوت ۽ مروت	۶۵۵
فصل پنجون:	سٺن اخلاقن جي تعليم	۶۶۴
فصل ڇهون:	ڪسر نفسي ڪرڻ	۶۷۲
فصل ستون:	ورد ۽ وظائف	۶۸۵

فصل	عنوان	صفحو

باب چوڏهون

فصل پهريون:	عالمن ۾ فرق	٦٩١
فصل ٻيون:	ناقص ۽ ڪامل ٻانهو	٧٠٥
فصل ٽيون:	حيواني ۽ انساني عقل	٧١٢
فصل چوٿون:	نيڪ بختي ۽ بدبختي	٧١٥

باب پندرهون

فصل پهريون:	متفرق نقل	٧٢٢
فصل ٻيون:	مستن جي مقال	٧٣٧
فصل ٽيون:	نبين سڳورن جي فضيلت	٧٣٩
فصل چوٿون:	اصحابن سڳورن جي فضيلت	٧٤٥

باب سورهون

فصل پهريون:	شفاعت برحق آهي	٧٥٧
فصل ٻيون:	گناهن کان معافي	٧٥٨
فصل ٽيون:	جائز خوش طبعي	٧٦١
فصل چوٿون:	نصيحت	٧٦٨
فصل پنجون:	اولياءِ ڪرام جو مرتبو	٧٧٦

خاتمه ڪتاب

فصل پهريون:	پير سائين جن جي فضيلت	٧٨١
فصل ٻيون:	حضرت پير سائين جي وصال جي تاريخ	٧٩٣

صحبت نامون

صحبت نامون		٧٩٧
ملفوظات شريف جي روشنيءَ ۾ صحيح مسلڪ جي سڃاڻ		٨٢٨

هن ايڊيشن بابت

برصغير جي مجدد، امام العارفين حضرت سيد محمد راشد روضي ڏٽي جن جي ملفوظات پهريون پيرو پير طريقت، علامہ سائين محمد قاسم مشوري رحمۃ اللہ علیہ ۽ جامعہ راشديہ جي مهتمم استاد العلماءِ مولانا محمد صالح مهر جن جي ڪوشش سان ۱۹۷۰ع کان پوءِ هڪ جلد شايع ٿيو، پوءِ مختلف وقتن ۾ سموري ملفوظات ڇهن جلدن ۾ بزرگ سائين محمد قاسم مشوري صاحب ۽ جامعہ جي فاضل حضرت مفتي درمحمد سکندري رحمۃ اللہ علیہ جي ترجمي سان مڪمل شايع ٿي. ڪمپيوٽر جون جديد سهولتون اچڻ بعد جامعہ راشديہ جي فاضل، جمعيت علماءِ سکندريہ جي اڳوڻي صدر، فقير قربان علي سکندري جي نظرثاني ۽ ايڊيٽنگ سان مڪمل ملفوظات ٻن جلدن ۾ (ٻن الڳ ترجمن ۾) ۲۰۰۰ع ۾ شايع ٿي. تقريبًا ۱۸ سالن تائين ان جا ڪيترائي ايڊيشن شايع ٿي جماعت جي خدمت ۾ پهتا. ڪافي عرصي کان نسبت وارن جي گهُر ۽ اصرار باوجود شايع نہ ٿي. هن وقت جمعيت علماءِ سکندريہ جو موجوده صدر مفتي محمد اسماعيل سکندري، ملفوظات شريف جي وڌندڙ گهرج کي محسوس ڪندي، حافظ عبدالقيوم سکندري، مفتي دوست علي سکندري، حافظ محمد مريد سکندري جن تي لازم ڪيو تہ اهي مڪمل ملفوظات جي تصحيح بعد نئين سر ڪمپوز ڪرائين، جنهن ۾ سنڌي، عربي، فارسي عبارتن ۽ بيتن کي اصل فارميٽ ۾ ديده زيب فونٽن ۽ سهڻي ترتيب سان ٻن جلدن کي (پهرئين حصي جو مترجم صاحب علم و عرفان محمد قاسم مشوري رحمۃ اللہ علیہ ۽ ٻئي جلد جو مترجم استادالعلماءِ مفتي درمحمد سکندري رحمۃ اللہ علیہ) گڏي، ان سان گڏ ملفوظات صغير عارف باللہ خليفي محمد حسن مهيسر رحمۃ اللہ علیہ جي ترجمي، سلطان الواعظين حضرت علامہ مفتي عبدالرحيم سکندري رحمۃ اللہ علیہ "صحبت سپيرين جي" کي بہ ان ۾ شامل رکيو ويو آهي. ملفوظات شريف ۾ شامل مواد جو تفصيل هن ريت آهي:

باب	فصل	
باب پهريون:	فصل پهريون:	ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي پلائي بابت
	فصل ٻيون :	عملن جي نيتن بابت
	فصل ٽيون:	طلب علم بابت
	فصل چوٿون:	شريعت جي اهميت متعلق
	فصل پنجون:	نماز سڳوري ۽ دعائن گهرڙ جي بيان ۾
	فصل ڇهون:	ماهہ رمضان شريف ۽ روزن بابت
باب ٻيون:	فصل پهريون:	حضرت پيغمبر ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جي متابعت بابت
	فصل ٻيون:	عزيمت ۽ پرهيز گاري بابت
	فصل ٽيون:	وعظ ۽ نصيحت بابت
	فصل چوٿون:	سچ جي پلائي ۽ ڪوڙ جي مذمت ۾
	فصل پنجون:	عبادت ۽ سخاوت ۾ رياءُ ڪرڻ جي سڻ ۾

باب ٽيون:	فصل پهريون:	صفت جلال ۽ جمال بابت
	فصل ٻيون:	ملامت وارن جي بيان ۾
	فصل ٽيون:	اعتراض ۽ شڪايت ڪرڻ بابت
	فصل چوٿون:	بي ادبي جي تنبيہ بابت
	فصل پنجون:	نا اهلن جي صحبت کان پرهيز ڪرڻ بابت
	فصل ڇهون:	اميد ۽ خوف جي بيان ۾
باب چوٿون:	فصل پهريون:	توبہ ۽ استغفار بابت
	فصل ٻيون:	مرشد جي صحبت ۽ الله تعاليٰ جي طالبن متعلق
	فصل ٽيون:	ادب بابت
	فصل چوٿون:	ذڪرن ۽ شغلن بابت
	فصل پنجون:	قبض ۽ بسط بابت
	فصل ڇهون:	خواب ۽انهن جي تعبير بابت
	فصل ستون:	طلب جي ترغيب بابت
	فصل اٺون:	غفلت کان تنبيہ ڪرڻ بابت
	فصل نائون:	نفس سان مخالفت ڪرڻ بابت
باب پنجون:	فصل پهريون:	ويساهہ جي سچائي بابت
	فصل ٻيون:	ولين سڳورن جي سچاڻپ بابت
	فصل ٽيون:	پير سان مريد جي اتحاد ۽ رابطي بابت
	فصل چوٿون:	مرشد جي مريد سان دوستي بابت
	فصل پنجون:	مرشد جو مريد کان آزمائش ونڻ بابت
باب ڇهون:	فصل پهريون:	دنيا ۽ دنيا جي طالبن جي مذمت بابت
	فصل ٻيون:	دنيا جي ترڪ ڪرڻ بابت
	فصل ٽيون:	الله تبارڪ و تعاليٰ تي توڪل ڪرڻ بابت
	فصل چوٿون:	تدبير جي ڇڏڻ بابت
	فصل پنجون:	الله تعاليٰ کان سواءِ مخلوقات کان ڳانڍاپا ڇني ڇڏڻ بابت
باب ستون:	فصل پهريون:	طالبن جي بلند همتي بابت
	فصل ٻيون:	سچن طالبن جي ڪشش بابت
	فصل ٽيون:	مرشد جي مريد تي شفقت بابت
	فصل چوٿون:	الله سبحانه و تعاليٰ جي ٻانهي تي شفقت بابت
باب اٺون:	فصل پهريون:	جذب ۽ عشق
	فصل ٻيون:	محبت ۽ بيقراري

	فصل ٽيون:	بيخودي ۽ استغراق
	فصل چوٿون:	توحيد ۽ ڪفر حقيقي بابت
	فصل پنجون:	سالڪ جي فنا ۽ بقا
	فصل ڇهون:	هميشہ حاضر دل رهڻ
باب نائون:	فصل پهريون:	حقيقت محمدي ﷺ
	فصل ٻيون:	ڪعبة الله شريف جي فضيلت
	فصل ٽيون:	ڪامل ٻانهي جو عروج ۽ نزول
	فصل چوٿون:	حقيقي اسلام
باب ڏهون:	فصل پهريون:	حضور اڪرم ﷺ جن جا معجزا
	فصل ٻيون:	اولياءَ الله جو تصرف
	فصل ٽيون:	اولياءِ ڪرام جون ڪرامتون
باب يارهون:	فصل پهريون:	الله تعاليٰ جو ديدار
	فصل ٻيون:	الله تعاليٰ جي معرفت
	فصل ٽيون:	علم لدني عطا ٿيڻ
	فصل چوٿون:	اونهي ڳالهہ اسرار
باب ٻارهون:	فصل پهريون:	فقر ۽ قناعت
	فصل ٻيون:	فتوحات جو اچڻ
	فصل ٽيون:	قضا جي مٺاڻ راضي رهڻ
باب تيرهون:	فصل پهريون:	مخلوق جي خدمت
	فصل ٻيون:	مسڪينن تي رحم ڪرڻ
	فصل ٽيون:	دوا ۽ درمل
	فصل چوٿون:	سخاوت ۽ مروت
	فصل پنجون:	سنن اخلاقن جي تعليم
	فصل ڇهون:	ڪسر نفسي ڪرڻ
	فصل ستون:	ورد ۽ وظائف
باب چوڏهون:	فصل پهريون:	عالمن ۾ فرق
	فصل ٻيون:	ناقص ۽ ڪامل ٻانهو
	فصل ٽيون:	حيواني ۽ انساني عقل
	فصل چوٿون:	نيڪ بختي ۽ بدبختي
باب پندرهون:	فصل پهريون:	متفرق نقل
	فصل ٻيون:	مستن جي مقال

	فصل ٹيون:	نبين سڳورن جي فضيلت
	فصل چوٿون:	اصحابن سڳورن جي فضيلت
باب سورهون:	فصل پهريون:	شفاعت برحق آهي
	فصل ٻيون:	گناهن کان معافي
	فصل ٽيون:	جائز خوش طبعي
	فصل چوٿون:	نصيحت
	فصل پنجون:	اولياءِ ڪرام جو مرتبو
خاتمه ڪتاب:	فصل پهريون:	پير سائين جن جي فضيلت
فصل ٻيون:	حضرت پير سائين	جي وصال جي تاريخ
صحبت نامون		
ملفوظات شريف جي روشنيءَ ۾ صحيح مسلڪ جي سڃاڻ		

ملفوظات شريف جي هن ترتيب کي فارسي قلمي ملفوظات سان ڪافي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. ڪافي اهڙا نقل آهن، جيڪي مڪمل طرح يا ڪن جا حصا اڳئين اشاعت ۾ شامل نه هئا، اهي هن ۾ شامل ڪيل آهن. فارسي اشعار ۽ سنڌي بيتن جي تصحيح جي حتي المقدور ڪوشش ڪئي وئي آهي. قرآن پاڪ جي آيتن جي تخريج ۽ پهريون پيرو شامل ڪئي وئي آهي. ان کان سواءِ ڪافي نواڻ محسوس ڪئي ويندي. اميد آهي ته هن ڪوشش کي قبوليت جو درجو ملندو.

ملفوظات شريف جي هن اشاعت ۾ خانقاهه راشديه جي خطيب جامعه راشديه جي شيخ الجامعه ۽ شيخ الحديث مفتي محمد رحيم سڪندري جي رهنمائي، جمعيت جي صدر علامه مفتي محمد اسماعيل سڪندري جي نگراني، زرين مشورا، مفتي دوست علي سڪندري، حافظ محمد مريد سڪندري، حافظ عبدالقيوم سڪندري، عبدالحفيظ سڪندري ۽ راقم جي محنت ۽ ڪاوشون شامل آهن. باري تعالىٰ انهن جي نيڪ نيتي ۽ خدمت کي قبوليت جودرجوعطا فرمائي. هي سڀ درگاهه حضرت روضي ڏٽي جي سجاده نشين حضرت پير سائين سيد صبغت الله شاهه (ثالث) جن جي نظر عنايت ۽ نگاهه فيض اثر سان هي مشڪل ڪم پايه تڪميل تي پهتو. رب ڪريم جي حضور ۾سندن صحت وعافيت ۽ ڊگهي ڄمار لاءِ دعا گو آهيون.

ایں دعا از من و از جملہ جہاں آمین باد

رہے شالا اے ساقی! تا ابد مے خانہ آبادی

علامه عنايت الله سڪندري

ناظم اعلىٰ

جمعيت علماءِ سڪنديه، پاڪستان

عرض حال

الحمدللّٰہ! خوشقسمتيءَ سان پنهنجي مرشد مڪمل ڪامل اڪمل امام العارفين حضرت پير سائين روضي ڏٽي جي حضور پرنور جو پرتوو سندن علم و عرفان جي چمڪندڙ سڄ جو اولڙو دل و دماغ کي راحت ۽ سڪون بخشيندڙ سندن گفتار جي هيڪار سان اسان جي هن جدائي ۽ دوري جي رڄ ۾ سڪل ۽ سڙي ويل دلين لاءِ فرحت ڏيندڙ ۽ انهن ۾ زندگيءَ جي روشني وجهندڙ نوراني شمع واري ملفوظات مبارڪ ربّ ڪريم جل شانہ جي طرفان تمام وڏي عنايت آهي جنهن جي شڪراني ۾ ان اعلیٰ ارفع اڪبر ذات جي اڳيان ان سان محبت ۽ دوستي ڳنڍيندڙن کي سربسجود ٿي سبحان جي تسبيح پڙهڻ واجب ۽ لازم آهي تہ جيئن ارادت ۽ عقيدت کي مضبوط ڪري ان قيوم ذات جي قرب جو معراج ماڻي سگهن. لک بار مبارڪباد جا مستحق آهن اهي خوشنصيب جن اهو حضور سراپا سُرُور پنهنجي محمود حياتيءَ ۾ ماڻيو ۽ وري ان کي دل جي فرحي تي سانڊي رکيو ۽ پوين لاءِ ان سموند بي ڪنار مان قيمتي موتي ڪڍي الفاظن جي لڙهيءَ ۾ پروئي پنهنجي امانت جو بار لاٿو. انهن کان پوءِ وري هزار بار مبارڪ جي لائق آهن اهي پيارا ٻانها جن پنهنجي علمي ۽ عرفاني صلاحيتن کي سامهون رکي عطاءِ الاهي جي دُرّن کي عرب ۽ فارس جي ٻوليءَ واري سمنڊ مان ٻاهر آڻي اسان اٻوجهن ۽ سادن سنڌين جي هٿن ۾ تقسيم ڪري سيد محمد راشد جي فيضِ بي ڪنار جا قاسر بڻيا. دل گهڻو ٿي چاهيو تہ هڪ پيرو پيهر ان فارس جي ٻوليءَ واري سمنڊ ۾ هٿ هڻجي پر هي سمنڊ گهڻو وسيع ۽ اونهو آهي. وقت، همت ۽ مددِ الاهي جو سامان گهرجي سو ايا ان ۾ ڪاميابي حاصل نہ ٿي سگهي آهي پر ان مان هڪ لَپ برابر جلد نمبر-٢ جي عشق ۽ جذب واري باب جي پهرين فصل ۾ اها شيءِ نظر ايندي. اميد اها آهي تہ ڪو سعادتمند نصيب وارو ضرور ان ۾ ڪامياب ويندو ۽ هڪ پيرو پيهر ان سموري سمنڊ ۾ ڳولها ڪندو تہ ضرور ايا بہ وڏيڪ فائدا حاصل ٿيندا.

سيوا ڪر سموند جي، جتي جر وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال، تہ پوڄارا پُرٿئين.

فقير محمد اسماعيل سڪندري

صدر

جمعيتِ علماءِ سڪندريہ پاڪستان

مترجم پاران

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي و نسلم علىٰ حبيبه الكريم وعلىٰ آله واصحابه اجمعين

حمد بيحد رب قدوس احد صمد جا جنهن انسان کي مظهر اسم اعظم جو بٹائي تاج خلافت سندس سر تي رکايو ۽ "وَلَقَدْ كَرَّمْنَا"(اسراء:۷۰) جي عزت ۽ "نَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوحِيْ "(الحجر:۲۹) جي راز سان کيس ممتاز فرمايو.

درود نامحدود، انهيءَ نور پاڪ، صاحب لولاڪ، باعثِ ايجادِ ارض و افلاڪ تي پهچن، جنهن کي الله سبحانه و تعاليٰ "مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ " (النساء:۸۰) جي فرمودي موجب پنهنجي مخلوقات سان پنهنجي اتصال جي کيفيت لاءِ واسطو ڪري هلايو، هزارين هزار رحمتون سندس آل ، اهلبيت سڳورن ۽ اصحابن ڪرامن ۽ پٽ اولياٸن اخيارن ، امت مرحومہ جي پيشوائن ، رهبرن تي وسن، جي ڪمالِ اتباع نبوي سان "يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ "(آل عمران:۳۱) جي منزل تي مشرف ٿي فيوضاتِ رباني جي روشن سج مان نور سان پرپور ٿي لعل بي بها بٽجي پيا ۽ پارس جي پيوستگي سان ناقصائي جي عيب کان نجات حاصل ڪري "تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللّٰهِ تَعَالىٰ "جي ڪماليت واري سون سان مبدل ٿيا.

امابعد: جڏهن ته ڪتاب الله تعاليٰ ۽ احاديث مقدسہ کان پوءِ کوبہ ڪلام اولياءِ سڳورن ۽ مشائخِ طريقت جي ڪلام مبارڪ کان برتر ۽ بهتر ڪونہ آهي. سندن گفتگو علم لدني ۽ عالمِ اعيان مان هوندو آهي، نہ علم ڪسبي ۽ زبانيءَ مان ، سندن زبان سڳوري کان ظاهر ٿيندڙ نڪتا اسرارِ الٰهي ۽ الهام جو ٿمرو هوندو آهي، نہ ڪتابن جي تڪرارِ تعليم ۽ ظاهري افهام و تفهيم جو نتيجو، تنهن ڪري هر ڪنهن مؤمن تي لازم فرمايل آهي تہ اهلِ دل اولياٸن سڳورن سان، جي در حقيقت رباني علماءَ، ورثة الانبياءِ آهن صحبت ڪن ۽ سندن ڪلام پاڪ واري مرهم سان پنهنجي قٽيل دل جي دوا ڪرائي شفايابِ ٿين تہ جيئن قلبِ عليل "فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ "(البقره:۱۰) مرض واري بيماري کان صحت حاصل ڪري قلبِ سليم سان مبدل ٿئي، چاڪاڻ تہ ابدي زندگي جي نجات جو دارومدار ئي انهيءَ قلبِ سليم تي رکيل آهي. قال الله تبارک و تعاليٰ:

يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوْنَ ۙ اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ؕ(الشعراء: ۸۸،۸۹)

يعني هن فاني حياتي گذرڻ بعد جا جلد ختم ٿيڻ واري آهي. نڪو مال ملڪيت ڪم ايندا نہ اسباب ،زمينون، باغ، بنگلا وغيره نہ پٽ، اولاد، اقارب ۽ گهر پار، جن لاءِ ماڻهو حرص ۾ پئجي هن جهان جي محبت ۾ گرفتار ٿي رهي ٿو. پر جن کي قلب سليم جي دولت حاصل هوندي آهي ، اُهي ئي ڪامياب رهندا ۽ ابدي نعمتن سان مالا مال ڪيا ويندا.جيئن انساني جسم ۾ هڏي کي گوشت ۽ رڳن مان غذا ۽ قوت پهچڻ لاءِ قدرت جي طرفان "غضروف" يعني نرم هڏي جي وساطت مقرر فرمايل آهي تيئن الله سبحانہ وتعاليٰ جي درگاه تقدس پائگاهہ کان فيض ملڻ لاءِ انبياءِ ڪرام ۽ انهن کان پوءِ سندن نائبن اولياٸن سڳورن جي صحبت جو وسيلو ونڊ ۽ سندن فر مودن موجب هلڻ، جنهن کي مجاهدو سڏجي ٿو ضروري آهي. قال الله تعاليٰ:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَ جَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ (المائده:۳۵)

اي ايمان وارو! الله پاڪ کان ڊڄو ۽ جهليل ڪمن کان بچو ۽ الله سائين عزاسمه ڏانهن وسيلو طلب ڪريو ۽ سندس واٽ ۾ مجاهدو يعني نفس ، ابليس ۽ ڪفارن سان خوب مقابلو ڪريو تہ من اوهان ڇوٽڪارو لهو.

مرشد ڪامل جي صحبت نصيب ٿيڻ ۽ اعتقاد ۽ ادب سان سندن اتباع ميسر ٿيڻ فضل ۽ رضاءِ الٰهي ، سعادت ، هدايت ۽ نجات حاصل ٿيڻ جو نشان آهي ۽ اولياءِ ڪاملين جي صحبت نصيب نہ ٿيڻ ۽ جي نصيب ٿئي تہ اعتقاد ۽ ادب وارو اتباع ميسر نہ ٿيڻ، الله سبحانہ تعاليٰ جي نارضامندي ۽ شقاوت ۽ مردوديت ۽ نجات اخروي کان محروميت جي علامت آهي. قال الله تعاليٰ:

مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَ مَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرْشِدًا (الكهف:۱۷)

جنهن کي الله سبحانہ وتعاليٰ هدايت فرمائي ٿو سو سڌي رستي وارو آهي ۽ جنهن کي گمراهہ فرمائي ٿو تہ ان جو ڪوبہ مرشد رهبر ڪونہ لهندين.وقال عليہ الصلواة والسلام:

أُولٰئِكَ لَا يَشْقٰى جَلِيْسُهُمْ

اهي (ذڪر ڪندڙ ماڻهو) اهڙا پيلارا آهن ،جو انهن سان گڏ ويهندڙ ۽ صحبت ڪندڙ نياڳا نہ ٿيندا.

قال العارف رومي :

پير رہ کبريت احمر آمدہ ست
سينہ اوبحر اخضر آمدہ ست

مرشد ڪامل اڪسير نايابجي مثل آهي ۽ سندن سينو فيض جو درياءُ لهرون هڻندڙ آهي.

صحبت ايشان خاک را اکسير کرد
لطف ايشان برہر دلے تاثير کرد

سندن صحبت مِٽي کي سون بڻائي ڇڏي ٿي. ۽ سندن مهرباني ۽ توجہ هر ڪنهن دل تي اثر وهاري ٿو.

گر ترا پيرے چنيں آيد پديد
قفل در دت راکليد آيد پديد

جيڪڏهن توکي اهڙو ڪامل مرشد ليپي تہ گويا توکي پنهنجي اندر جي ڏکن واري ڪلف لاءِ ڪنجي هٿ اچي وئي.

يک زمانہ صحبت با اولياءَ
بہتر از صد سال طاعت بے ريا

هڪ گهڙي اولياءِ ڪرام سان صحبت ڪرڻ، سَون ورهن جي خالص عبادت کان بہ زور پلي آهي.

گر تو سنگ صخرہ و مر مر شوی
چون بہ صاحب دل رسی گوہر شوی

جي تون سخت پٿر يا سنگ مر مر ڪٽي هوندين پر جڏهن ڪنهن ولي سڳوري وٽ پهچندين

تہ گوهر بي بها بٹجي پوندين.

پر جيڪڏهن قسمت جي ڪوتاهي پاران ڪامل مرشد جي صحبت حاصل نہ ٿئي، يا حاصل ٿيڻ کان جدائي پيل هجي تہ پوءِ لازم آهي تہ قرآن شريف ۽ احاديث مقدسہ جي تلاوت سان گڏ پنهنجي مرشد ڪامل يا ٻين ڪامل ولين جي ملفوظات مان ڪم از ڪم ادائي ايمين جيترو پڙهندو رهي چو تہ سندن فرمايل ڪلام سڳوري ۾ خاص تاثير ۽ فيض رکايل ۽ "شِفَاءٌ مِنَ الْمُؤْمِنِ سُؤْرُ" جي فرمودي موجب قلب مريض لاءِ خاص شفا سمايل آهي.

چونکہ گل رفت و گلستان شد خراب
بوئے گل از کہ جويَم؟ از گلاب

جڏهن بهار جي مند ختم ٿيڻ بعد گل اُڪري وڃن ۽ باغ ويران پيو هجي، تہ پوءِ گلن جي خوشبوءِ ڪاڏي ڳولجي؟(جواب آهي) گلاب واري پاڻي (عرق) مان.

انهيءَ ڪري هن عاجز، حالِ زار، اميد وار عفو ۽ فضلِ پروردگار عزاسمہ کي گهڻي عرصي کان ارادو هو تہ ملفوظات شريف اولياءَ جي مهندار، فيض جي سمونڊ بي ڪنار، اسرارن الٰهي جي بحرِذخار، جناب قطب الاقطاب حضرت پير سائين روضي ڌڻي جي، جا عارف بالله الودود خليفو محمود عليہ رحمة الله المعبود ساڪن ديهہ ڪڙيہ ۽ واصل بالله خليفہ محمد حسين عليہ رحمةُ ربِ المشرقين والمغربين ، فارسيءَ ٻوليءَ ۾ گڏ ڪئي آهي، سا سنڌي سهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرايان. هن ڪري تہ هن عاجز کي انهيءَ نسخہ متبرکہ جي مطالعي بعد طريقہ عاليہ قادريہ ۽ نقشبنديہ جي حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. ۽ اهل دل جي محبت ۽ ساڻن حسنِ عقيدت حاصل ٿي.

اُحِبُّ الصَّالِحِيْنَ وَلَسْتُ مِنْهُمْ لَعَلَّ اللهُ يَرْزُقُنِيْ صَلَاحًا (نيڪ ٻانهن سان محبت ڪريان ٿو، پر انهن منجهان نہ آهيان، منَ الله سائين مون کي بہ نيڪ ڪري) دل گهريو تہ انهيءَ لذت ۽ تحريري صحبت جي فضيلت ۾ ٻين سيني ٻائرن مسلمانن کي عموما ۽ درگاهہ معليٰ پائگاهہ راشديہ سان نسبت رکندڙن کي ، جي لکن جي تعداد ۾ اتر سنڌ، لاڙ، ٿر ، پنجاب، بلوچستان، جيسلمير وغيره دور دراز ملڪن ۾ پکڙيل آهن، خصوصاً ٻائيوار ڪريان تہ انهيءَ نسخہ ڪريمہ جي پڙهڻ سان منَ رب ڪريم عزاسمہ پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي پنهنجي طلب ۽ قلب جي ڪشايش (روشني) عطا فرمائي ۽ انهي ڪشايش جي وقتن ۾ هن ضعيف کي خير جي دعا سان ڪٹي ياد ڪري تہ ان جي برڪت سان الله سبحانہ وتعاليٰ دارين ۾ ڪشايش ۽ محبت جي جذبات مان کو جذبو عطا فرمائيم.

۽ ٻيو تہ هن عمل خير سان اها بہ آس اٿم تہ حضرت غوثِ زمان، قطبِ دوران مرشد مڪمل پير سائين روضي ڌڻي جي طريقي مبارڪ جي خدمت سان الله سبحانہ وتعاليٰ جي رضا ۽ حضرت پير سائين جي خوشنودي حاصل ڪندس. جنهن سان پنهنجي شڪستہ دل جي دوا ۽ مجروح قلب جي شفا حاصل ٿيندم. آمين.

قطب الاقطاب فيضياب حضرت پير سائين روضي ڏٽي
جي حيات طيبہ تي اجمالي نظر

پاڻ عارف بالله حضرت سيد پير سائين محمد بقا شاهہ شهيد جا فرزند ارجمند آهن. حضرت پير سائين شهيد باڪمال اولياءِ ڪرام ۾ مقتدا ۽ پيشوا ، قادري ۽ نقشبندي طريقي جا مجمع البحرين هئا. قادري طريقو حضرت ڪامل مڪمل پير سائين سيد عبد القادر حسيني جيلاني رهندڙ ديهہ سوڍاڻي کان حاصل فرمايائون ۽ اها ديهہ ضلع جهنگ سيال (پنجاب) ۾ آهي. هاڻي چناه شريف جي درگاهہ سڏجي ٿي ۽ نقشبندي طريقو حضرت مخدوم محي السنة، امام الامة، مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ شريف وارن کان حاصل ڪيائون.

پاڻ اصل وينل شهر رسول پور عرف ننڍي سائيدي جا هئا. اتان وري لڏي اچي ڳوٺ رحيمڏني ڪلهوڙي، واقع ديهہ فريدآباد ۾ رهيا.سندن ولادت ۱۱۳۵ هـ ۾ ٿي ۽ سنہ ۱۱۹۸ هـ ۾ ڪن رهزنن، وات ڦريندڙن هٿان ۶۳ ورهين جي ڄمار ۾ شهادت جي خلعت پاتائون. سندن مزار مقدس مقام شيخ طيب (لڳ ڪولاب جيئل) ۾ آهي.

پير سائين پاڪ شهيد ڪي ۴ فرزند هئا، ٿي پنهنجي خانداني حرم محترم مان هئا. جن جا اسم گرامي هي آهن.

(۱) قدوة العارفين خازن اسرار رباني محبوبِ سبحاني مجددِ دينِ يزداني حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي .

(۲) قدوة اهلِ صفا، مقتداءِ عارفانِ خدا عز اسمہ حضرت سيد عبدالرسول شاهہ .

(۳) پيشواءِ اهلِ تسليم حضرت پير سائين سيد محمد سليم شاهہ .

(۴) تاج الا صفياءِ، زين الا لياءِ، ميان سيد علي مرتضيٰ شاهہ .

هڪ فرزند، نو مسلم حرم محترم مان تولد ٿيو.

حضرت پير سائين،مرشد مڪمل روضي ڏٽي جي ولادت پهرين تاريخ شعبان يا رمضان، (عليٰ اختلاف الاقوال) ۱۱۷۱ هـ ۾ ٿي. پاڻ سيني پائرن ۾ ننڍا مگر سيني کان بخت بلند ارجمند مقتداءِ جهان علوشان ۾ اعليٰ ۽ جان جهان ۽ صاحبَ،سلسلہ طيبہ راشديہ جا ٿيا. ولادت جو هنڌ رحميڏني ڪلهوڙي جو ڳوٺ آهي. روضي ڏٽي جو لقب (۱) هن ڪري ملين جو محبوب السالڪين يعسوب العارفين حضرت پير سائين علي گوهر شاه عرف بنگلي ڏٽي "اصغر" جي وقت ۱۲۵۰ هـ ۾ درياءَ جي پائڻ جو خطرو ٿيو، جنهن ڪري پاڻ سيئي روضہ شريف منتقل ڪرائي نئين درگاهہ ۾ رکايائون ۽ اتي نئون ڳوٺ ٻڌو ويو. جنهنڪي هاڻي پير جو ڳوٺ يا نئين درگاه سڏجي ٿو. ۽ پير سائين جن جي اولاد مان ڪجهہ اتي رهجي پيا جنهنڪري ان کي پراڻي درگاه سڏجي ٿو. نقل ڪن ٿا تہ جڏهن حضرت ميان صاحب پير سائين سيد محمد بقا شاه شهيد کي چارئي فرزند سڳورا تولد ٿيا، تڏهن هيڪر پاڻ حضرت مقتداءِ اهل تفضيل، مقبول بارگاه جليل مخدوم محمد اسماعيل کي جي سندن نقشبندي مشرب جا پير طريقت هئا، پنهنجي ڳوٺ وڃي آيا ۽ اتي ٽيئي نينگر دعا طلبي لاءِ سندن خدمت ۾ آندا ويا،پاڻ انهن کي ڏسي نالو پڇيائون ۽ ائين پئي فرمايائون تہ "چڱو ٽيندو"جڏهن حضرت پير سائين

روضي ڏٺي کي جو ان وقت ٻنڊڻن ۾ هئا کٽي آيا تڏهن حضرت مخدوم صاحب کين ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ جهولي ۾ جهلي فرمايائون ته "هي اهو يار آهي جنهن کان دنيا جو گهٽو حصو فيضياب ٿيندو " ائين فرمائيندي کين بار بار دعا پي کيائون.

چوندا آهن ته "سلو انگورين پلو" حضرت پير سائين قبلہ عالميان قدوةِ عارفان جو ننڍپڻ نهايت پاکيزه گذريو. ٻاراڻي بيفائدي لهو،لعب ۽ راند روند کان سندن طبع مقدس بلڪل بيزار ۽ متنفر رهندي هئي. ڪڏهن ٻه ٻين ٻارن وانگر کيڏڻ ۾ وقت نہ وڃايائون. جڏهن تعليم ونڊ جهڙا ٿيا ته والد سڳوري جي امر موجب نهايت خوشي ۽ ڪشاده ذهني سان تعليم ۾ لڳي ويا.

ملفوظات شريف ۾ آهي، ته پاڻ فرمائيندا هئا ته ننڍي هوندي اسان کي دل ۾ خيال ايندو هو ته جيڪر آئون عارف ڪامل مڪمل صاحب ارشاد ۽ تلقين جو ٿيان، جو منهنجي توجهہ سان ماٺهو دنيا و ما فيها کي وساري مجذوب بڻجي وجد،تواجد ڪن ۽ زمين تي پيا ليٽڻن.

در حقيقت هي سندن خيال الهامِ الٰهي هو،جنهنجو ان وقت سندن قلب مبارڪ واري آئينہ مصفا تي عڪس پوندو هو. ۽ اڳتي هلي اهو الهام هو بهو ميدان ظهور ۾ پڌرو ۽ نروار ٿي پيو.

سندن ابتدائي تعليم حضرت ميان محمد اڪرم گهمرو[1] رحمۃ اللہ علیہ ۽ حضرت حافظ صاحب زين الدين مهيسر رحمۃ اللہ علیہ وٽ ٿي، جو حضرت ميان صاحب پير سائين سيد محمد بقا شاهہ جي خاص مريدن مان ڪامل شخص هو. ان ڪانپوءِ طلب علم لاءِ کين سفر ڪرٽو پيو. پهريان حضرت ميان صاحب جن کين حضرت مخدوم طيب [2] بقاپور واري وٽ ۽ پوءِ حضرت مولانا حاجي فقير الله صاحب نقشبندي (متوفي ۱۱۹۵ هـ) وٽ شڪارپور ۾ ويهاريائون. اتي ڪجهہ وقت تعليم حاصل ڪيائون، ليڪن حضرت پير سائين پاڪ شهيد جڏهن ٻي پيري اتي آيا ته ڏٺائون ته کين مڪلف طعام ماني ۽ ٻوڙ، نهايت تعظيم و تڪريم سان پي مليو. پاڻ فرمايائون ته بابا! جنهن مدرسہ ۾ ماني ٻوڙ ۽ طعام عام جام هوندو آهي، اتي علم حاصل ڪرڻ محال آهي. ڇو ته نفس پرور سير شڪم (پيٽ پريندڙ) طالب علم غافلَ ۽ ڪاهلَ ٿي پوندا آهن) پوءِ اتان اچي شهر ڪوٽڙي ڪبير ۾حضرت مخدوم ميان يار محمد رحمۃ اللہ علیہ وٽ طلب علم لاءِ ويهاريائون. جو هڪ اهلِ دل، عالم، فاضل ۽ ڪامل عالم سڳورو هو. اتي سندن طبع مقدس مختلف مدرسن ۾ سفر ڪرڻ پاران مشقت ۽ گراني ڪري پريشان ۽ مڪدر (ملول) ٿي پئي، پوءِ اتي هڪ رات هڪ پير مبارڪ تي بيهي پنج هزار درود شريف پڙهي حضور سرور ڪائنات صلی اللہ علیہ وسلم ڪان استمداد ۽ استغاثہ ڪيائون. جنهن سان کين اهڙي ته قلب جي صفائي ۽ سهنجائي حاصل ٿي پئي جو بمصداق "عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَالَمْ يَعْلَمْ "(العلق:۵) اڻ پڙهيل علم ٻه پڙهيل ٿي پين.

پاڻ اخير ۾ محدث اعظم مولانا مخدوم محمد صاحب آريجوي رحمۃ اللہ علیہ وٽ (احاديث جا) ڪتاب پورا فرمايائون. هن مدرسہ عاليہ ۾ ٻه سيد عاقل شاهہ رحمۃ اللہ علیہ ساڻن همدرس هوندو هو. مگر حضرت پير سائين جن ان ڪان اڳ ۾ علم جي مقرر نصاب جي تڪميل بعد فيض ۽ فضيلت جي دستار حاصل ڪري رخصت ياب ٿي درگاهہ مقدس تي آيا. ۽ جناب شاهہ صاحب جن هڪ سال پوءِ دستاربندي ڪئي.

. (1) ملفوظات 395/1 [1] (2) ملفوظات 433/2

طريقت ۾ قدم: پاڻ فرمايو اٿن تہ جڏهن آئون ۽ برادرم ميان حضرت علي مرتضيٰ شاهہ ڪوٽڙي ڪبير ۾ مخدوم ميان يار محمد ﷺ وٽ ظاهري علم جي درس ۾ مشغول هئاسون تڏهن هڪڙي ڏينهن حضرت والد بزرگوار اتي تشريف فرما ٿيا. اسين سندن قدم بوسي ڪري خدمت ۾ ويناسون، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ اي برخورداران! توهان کي معلوم آهي تہ اڄ اسانجي اچڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟ عرض ڪيو سون تہ اسان کي معلوم نہ آهي. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ آئون مخدوم عبدالرحمان سان، جو حضرت مخدوم صاحب پريان لوءِ شريف وارن جو خاص مريد ۽ صحبتي آهي، ملاقات ڪرڻ ويو هوس. اتي ڳالهہ بولهہ هلندي مونکان مخدوم عبدالرحمان صاحب پڇيو تہ اوهان کي طريقت مبارڪ جي تلقين ڪرڻ ۽ هدايت ڪرڻ جي اجازت مليل آهي يا نہ؟ مون چيو تہ هائو مليل آهي. پوءِ پنهنجي اهلين (گهر وارن) جي مريد ڪرڻ جي مونکان اجازت ورتائين ۽ پوءِ پڇيائين تہ اوهان پنهنجي پٽن کي طريقي مبارڪ ۾ داخل ڪيو آهي يا نہ؟ ورندي ڏنم تہ انهن کي اڃان اهڙو خيال بہ ڪونهي. پاڻ چيائين تہ جيڪڏهن انهن کي خيال ڪونہ آهي تہ بہ اوهان انهن کي داخل ڪري ڇڏيو. اڄ انهيءَ صلاح موجب اسانجو اچڻ ٿيو آهي. پوءِ پاڻ اسان بنهي پائرن کي پهريان نقشبندي طريقہ ۾ داخل فرمايائون. ۽ اُتان اسان کان موڪلائي ڪنهن طرف روانا ٿيا. اسان تعليم تدريس سان گڏ ذڪر جي شغل سان بہ مشغول رهندا هئا سون.برادر حضرت علي مرتضيٰ شاهہ کي انهيءَ طريقي نقشبندي جي مشغولي اثر ڪري وئي، پر مون کي ڪا ڪيفيت محسوس نہ ٿي. پي پيري حضرت مرشد مربي پير سائين جن اسان وٽ آيا ۽ مونکان انهيءَ مشغولي جي ڪيفيت پڇيائون، عرض ڪيم تہ مونکي ڪا خاص ڪيفيت معلوم نہ ٿي آهي. انهيءَ تي پاڻ مونکي وري طريقہ قادريہ ۾ داخل فرمائي ذڪر جهر سان مشغول فرمايائون. پوءِ وڏي آواز ۾ ذڪر ڪرڻ سان ذڪر سڄي وجود کي وٺي ويو، جو مٿي کان وٺي پيرن تائين وار وار مان ذڪر جاري ٿي پيو.

هي بہ بيان ٿيل آهي تہ حضرت ميان صاحب پير سائين شهيد جڏهن جناب قدسي خطاب حضرت سيد عبدالقادر شاهہ چناهہ وارن جي خدمت ۾ فيض حاصل ڪري رهيا هئا، تڏهن پير سائين چناهہ وارن هڪڙي ڏينهن خاص مهرباني ۽ شفقت مبذول فرمائيندي کين ارشاد فرمايائون تہ بابا! اسان جي جد امجد غوث الثقلين محبوب سبحاني سيدنا حضرت عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جي قول مبارڪ موجب تہ: قَدَمِي هٰذِهٖ عَلٰى رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ اللّٰهِ تَعَالٰى مطابق اسانجي خاندان ۾ هي روش آهي، جو جڏهن پنهنجي ڪنهن خاص منظور نظر مريد تي مخصوص توجہ ۽ شفقت فرمائيندا آهن تہ انهيءَ جدّي (ڏاڏٽي) سنت موجب سندس ڪلهن تي قدم رکندا آهن. اهو قدم مبارڪ پشت بہ پشت اسان تي بہ آيل آهي، ۽ اها سنت ۽ متابعت اسان اڄ ڏينهن تائين ادا نہ ڪئي آهي. يعني ڪنهن بہ مريد تي قدم مبارڪ نہ رکيو اٿئون. اڄ دل گهري ٿي تہ اهو عمل ادا ڪندي اوهان جي گردن تي قدم رکون. پوءِ حضرت ميان صاحب جن سندن آڏو گردن نمائي ڏنو ۽ حضرت پير سائين سيد عبدالقادر مٿن قدم مبارڪ رکي پنهنجي خانداني سنت سان سرفراز ۽ مشرف فرمايو.

پوءِ جڏهن ڪوٽڙي ڪبير ۾ ٻئي صاحبزادا علم جي طلب ۾ مشغول هئا ۽ طريقہ عاليہ ۾ کين

داخل فرمايو ويو هو. تڏهن هڪ پيري حضرت ميان صاحب جن جناب پير سائين روضي وارن کي خلوت ۾ وهاري اها متين حقيقت ٻڌائي فرمايائون ته بابا! سيني پٽن کان وڌيڪ منهنجي دل جو لاڙو توسان آهي مان پنهنجي مرشد سڳوري جي پيروي ۽ متابعت موجب پنهنجو قدم تنهنجي گردن متان رکان ٿو. پوءِ قدم مبارڪ رکي اها سنت ادا ڪيائون.

مولانا سيد عاقل شاهؒ کان جو آريجن ۾ سندن هم درس هو ،منقول آهي ته جڏهن آئون علم کان فارغ التحصيل ٿيس تڏهن هيڪر حضرت پير سائين جي ملاقات لاءِ سندن خدمت ۾ آيس ۽ ساڻن صحبت ڪندي ڏٺم ته ذڪر شريف اسم ذات جي مشغولي سندن قلب ۾ ايڏي ته حرارت پيدا ڪئي هئي جو نزديڪ ويهڻ سان سندن وجود مبارڪ طرفان مونکي حرارت ۽ گرمي محسوس پئي ٿي.

ملفوظات شريف ۾ ڪانئن منقول آهي، ته هڪ سيد سڳورو مجذوب لڪياري خاندان جو ابتدائي زماني ۾ اسان وت تڪيل هو ۽ آئون سندن خدمت دل و جان سان ڪندو هوس. هيڪر انهيءَ مجذوب صاحب اڳيان مون الله سبحانہ وتعاليٰ جي محبت ۽ شوق ۽ طلب جي جذبي جي ڪري وينِي رنم. تڏهن انهيءَ مجذوب سڳوري کي ڏاڍو رحم پئجي ويو ۽ شفقت سان فرمايائين ته "پي پي درياءُ ٿي" ان هوندي بہ مون روئڻ کان بس ڪانہ ڪئي. تڏهن ڪمال شفقت ۽ بي حد رحم جي جذبي سان فرمايائون ته "پيءُ پيءُ سموند ٿي، اُجي بکئي کي بہ پيارج".

دنيا ڏٺو ته انهيءَ ڪامل مجذوب جو فرمودو لفظ بلفظ سچو نڪتو. اتان فيض جو اهڙو سموند جاري ٿيو جنهن لکين ماڻهن جي تشنگي کي سيراب ڪري درگاهون ٻڌايائين ۽ انهن درگاهن مان وري ٻيون درگاهون ٺهيون جنهنجي سلسلہ فيض رساني جي حد لهڻ مشڪل آهي سچ آهي:

سيد پير سموند هي اونت نہ ڇاڻي ڪو
ماڻڪ ماڻي سو، قِر قِر سيوا جو ڪري

وڌيڪ احوال اوهان ملفوظات شريف جي صفحن سڳورن مان ملاحظ ڪري سگهندا.

هيءُ هدايت ۽ فيض الٰهيءَ جو سج، مسندِ ارشاد ۽ تلقين جي آسمان تي نوراني ڪرڻن سان چمڪندي، جهان کي روشن ۽ منور فرمائيندي عين متابعت حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي مطابق پوري ٦٣ ورهين تائين عمر شريف پهچڻ بعد پهرين تاريخ شعبان ١٢٣٤ هـ وصال سان مشرف ٿيا.

(انا لله و انا اليه راجعون.)

جان جسم مصطفیٰ بود آن امام
زان سبب یک قول فعل آمد تمام

اهو امام، حضور اڪرم ﷺ جي جان ۽ جسم هو،جنهن ڪري سندس قول ۽ فعل حضور جن ﷺ سان پوري طرح هڪ هو.

عاجز آثم فقير محمد قاسم عفي عنہ
مدرسہ قاسم العلوم صاحب خان مشوري

ديباچہ از جامع ملفوظات مجمع الفيوضات

بسم الله الرحمٰن الرحيم

هزارين هزار حمد انهيءَ احد فرد کي ، جنهن پنهنجي احديت جي نهانخاني (ڳجهہ) مان، احديت جي الف جو تاج عالمِ امر جي سر تي جهلايو،۽ پنهنجي ذات قدسي صفات کان سندس مبدء مقرر فرمائي عالم بطون جي رنگا رنگ صحيفي جي صفحي تي کيس چلکايو. سوين سوين ثنائون انهيءَ واحد صمد کي جنهن احديت جي سمونڊ بي ڪنار مان مظهريت جي موج اٿاري وجود مسعود محمدي ﷺ کي ملڪ ۽ ملڪوت جو مجمع البحرين بٽايو۽ سندن وجود مسعود جي نور سان عدم جي اونداهہ کي ڪون و مڪان جي صحن تان تڙائي، نور جي ظهور سان چمڪايو. دُرّ شهوار درود نامحدود وجود مسعود ومحمود حضرت نبي ڪريم، صاحب خلق عظيم، امي عربي ﷺ تي نثار هجن، جنهن محبوبِ عربيءَ جي نبوت کي پروردگار عزاسمه سپني نبين سڳورن مٿان محيط فرمايو ۽ انهيءَ رهبر منور جي بدايتِ نبوت کي سپ کان سابق ٻڌايو ۽ پٽ خاتميت جي رتبي تي رسايو. جيئن فرمايو ويو تہ "كنت نبياً و آدم بين الماء الطين " وقال تعالىٰ: وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ (الانبياء:۱۰۷) وقال الله تعالىٰ عز اسمہ: وَلٰكِنۡ رَّسُوۡلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ (الاحزاب:۴۰) . صلى الله تعالىٰ عليه وآله و اصحابه اجمعين. امابعد: جهان وارن جي ڪعبہ، ارشاد ونندڙن جي قبلہ ،اسرار الهيٰ جي خازن، رازن نامتناهي جي مخزن ،دامنگيرن جي پشت پناهہ، ضعيفن جي ماويٰ ملجاء حضرت مرشد معظم مڪرم جي درگاهہ عرش اشتباهہ جو ڪمترين ٻهاريدار، رحمتِ رب ودود جو اميدوار فقير محمود (رحمہ الله الولّي الودود) چوي ٿو تہ طالبن راه الهيٰ ۽ سالڪن رستي نامتناهي جي ضمير منير تي مخفي نہ آهي تہ هر ڪنهن جاندار کي عموما ۽ افراد بشري کي جنهن لاءِ ارشاد الٰهي : وَمَا خَلَقۡتُ الۡجِنَّ وَالۡاِنۡسَ اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡنِ (الذاريٰت:۵۶) وارد ٿيل آهي، کي خصوصاً ساري جهان جي مالڪ پنهنجي حقيقي محبوب مطلوب جي يادگيري بنا بلڪل ڪانہ سرندي آهي. تنهنڪري سچن طالبن ۽ پڪي عقيدي وارن ارادتمندن جي استفادي لاءِ کي گفتا، جي موتي مهراڻ ڪاشف اسرار غيبي ۽ ظاهر فرمائيندڙ مخفي رازن لاريبي مرشد مڪرم جا هئا. جن کي پاڻ طالبن جي حال موافق قال يا حال سان پيدا ٿيندڙ سوالن جي جواب ۾ مريدن جي دامن ۾ وڌو اٿن. يا وعظ ۽ نصيحت طرح آيات مقدسہ ۽ احاديث ڪريمہ ۽مشائخين ڪرام ۽ بزرگان دين رحمهم الله تعالىٰ جي احوالن ۽ مقولن مان بيان فرمايو اٿن. ۽ شريعت، طريقت ۽ معرفت ۽ حقيقت جا باريڪ نڪتا جي سفر يا حضر ۾ پنهنجي زبان گوهر افشان مان ارشاد ڪيا اٿن ۽ هن فقير يا ٻين مريدن محفل خلد مثل جي حاضر ٿيندڙن کي ٻڌڻ ۾ آيا آهن، انهيءَ ڪلام فيض نظام کي پنهنجي سمجهہ قاصر آهر جمع ڪري ۽ ان سان گڏ بعض احوال ۽ واردات جي هن فقير يا ٻين فقيرن تي وارد ٿيا ۽ گذريا آهن ،سي بہ قلم جي قيد ۾ آڻي صحبت فيض موهبت جي شائقن اڳيان پيش ڪجن ٿا. توٽيڪ سندن سمورا اقوال مبارڪ ۽ هلت چلت جا احوال ڪتابت ۽ بيان جي حصر ۾ اچڻ محال آهن.جيئن آيت ڪريمہ ۾

ارشاد آهي:

قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَلَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا (الكهف : ١٠٩)

ترجمو: اي نبي كريم! (ﷺ) فرماءِ ته جيكڏهن سمونڊ سڄو مس بٹائي الله پاڪ جا ڪلمات طيبات لکيا وڃن ته سمونڊ ڪٽي ويندو پر منهنجي پالٹهار جا ڪلمات طيبات پورا نه ٿيندا.

۽ پڻ هن ظاهري زبان ضعيف کي ڇا مجال آهي جو سندن ملفوظات مبارک ۾ ڪو بيان هلائي سگهي. ڇو ته سندن ڪلام مبارک مان هر هک حرف مان سو سو معنائون غيبي ۽ هک هک ڪلمہ طيبہ مان هزار هزار باريک نڪتا لاريبي، هر ڪنهن عبارت مان فيض عام ۽ ذوق تام ۽ سيپ ڪنهن معنيٰ مان مفهومات بي شمار ۽ هر ڪنهن لطيفہ مان ادراڪات جا دريا ناپيد ڪنار پيدا ٿين ٿا ۽ هر هک ادراڪ مان اهڙا مقامات بي حساب ۽ بي حد ۽ هر ڪنهن مقام ۽ حالت مان اهڙا ذوق شوق اڀ ڳٽيا ۽ اڀ ميا حاصل ٿين ٿا، جو انهن کي تاراجي بيان جي توري نہ سگهندي ۽ هن جهان جي تنگ ميدان ۾ سندن فوج ظفر موج ماپي نہ سگهندي. پر انهيءَ نعمت عظميٰ ۽ دولت بي بها کان بلڪل تعطيل ڪرڻ ۽ حصو نہ ونڊ بہ وڏي بدنصيبي ۽ محرومي جو سبب هو تنهنڪري لاچار مَالَا يُدْرِكُ كُلُّهٗ لَمْ يُتْرَكْ كُلُّهٗ (جيكڏهن سيپ نہ ملي ته سيپ نہ ڇڏبو) جي حڪم موجب پنهنجي حال ۽ طاقت آهر جيتري قدر سندن ڪلام فيض نظام پاڻ کي ياد هو يا ٻين معتبر راوين کان ذخيرو حاصل ڪري سگهيم تنهن کي غنيمت سمجهي پنهنجي عبارت نامربوط ۾ ڪڙي، ٻڌن ورقن ڪاغذن ۾ مضبوط ڪري ورتم ته سڀني جهان وارن کي ڪجهہ حصو ۽ پاڻ مرشد ڪريم جي اوقات طيبہ ۽ فيوضات رباني مان حاصل ٿي سگهي، ۽ مون عاجز دعا طلب ويچاري لاءِ ثابت قدمي ۽ گناهن جي بخشيش ۽ ٻنهي جهانن جي مقصود حاصل ٿيڻ جو باعث ٻڌجي.

معلوم هجي ته ڪن نقلن ۾ راوين جي اختلاف ڪري جيڪو تفاوت ڏيکاريجي سو ٻڌندڙن جي استعداد ۽ سمجهہ جو تفاوت سمجهڻ گهرجي ۽ ٻيو ته پاڻ حديث شريف جي حڪم موجب ته كَلِّمُوا النَّاسَ عَلٰى قَدْرِ عُقُوْلِهِمْ (يعني ماڻهن سان سندن عقل جي قدر آهر گفتگو هلايو) ماڻهن جي پروڙ ۽ عقل آهر ڪلام فرمايو آٿن. اهو تفاوت اهڙو آهي جهڙو حضور پر نور ﷺ جي حديثن شريفن ۾ اصحاب ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم جي لفظن سڳورن ۾ ڪمي بيشيءَ سان وارد ٿيل آهي. جنهنجو حال احاديث مقدسہ جي پڙهندڙن تي چڱي طرح روشن آهي.

۽ ٻيو ته جيڪو نقل جن لفظن سان معتبر راوين کان ٻڌو ويو سو انهن ساڳين لفظن سان هتي لکيو ويو. ڇو ته حضرت نبي ڪريم ﷺ بہ اصحاب ڪرام کي ائين حڪم فرمايو هو ته سندن حديث شريف کي ساڳين الفاظن مبارڪن سان بيان ڪن ڇو ته پوئين امت ان کي چڱي طرح سمجهندي.

هي بہ ڇاڻڻ گهرجي ته هن ملفوظات شريف مان جيڪو بہ طالب جنهن بہ مقصد ۽ مطلب جو ارادو ۽ طلب ڪري مطالعہ ڪندو اهو سندس مقصد ان شاءَ الله تعاليٰ سندس استعداد موجب الله سبحانہ و تعاليٰ پورو فرمائيندو، ڇو ته جيئن آيت ڪريمہ وَلَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ (الانعام:٥٩) موجب سيپ

ڪنهن آلي خواهه سڪي شيءِ جو ذڪر قرآن شريف ۾ موجود آهي. بلا تشبيه تيئن هن ڪتاب مقدس ۾ به اوهان سيئي مقصد موجود ڏسندا. اوهان يقين سان ڄاڻو ته جيڪو به لفظ ۽ سخن ڪاملن جي زبان مبارڪ مان ظاهر ٿيندو آهي اهو پنهنجي مرضي ۽ خواهش سان نه فرمايل هوندو آهي. بلڪ الهام ۽ القاءِ رباني سان سندن دل ۾ وارد ۽ زبان مبارڪ تي جاري ٿيندو آهي. جيئن حضرت حبيب ڪريم ﷺ وحي الٰهي سان مخصوص آهن. جيئن ارشاد آهي: وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى (النجم: ۳،۴)هيءُ نبي پنهنجي خواهش تحت نه ٿو ڳالهائي اهو فقط وحي آهي جيڪو ڏانهس ڪيو وڃي ٿو. تيئن اولياءِ ڪرام به الهام ۽ القاءِ الٰهي سان مشرف ٿيل آهن(فرق اهو آهي ته انبياء ڪرام جي القاء الٰهي کي "وحي" سڏيو وڃي ٿو ،جو محفوظ ۽ يقيني امر آهي ۽ اولياءِ ڪرام جي القاءَ کي الهام ٿو چئجي ۽ ان لاءِ "وحي" سان موافق هجڻ شرط آهي.)

ڄاڻڻ گهرجي ته هن نسخ مبارڪ ۾ جاڪي لفظ "پاڻ فرمايائون" يا "مرشد معظم" جو اڇي ته اتي مراد حضرت مرشد معظم پير سائين روضي ڌڻي سمجهڻ گهرجي. ۽ جتي لفظ "صاحبزاده والا تبار" يا "مسندنشين" جو اڇي ته مراد سندن صاحبزاده وڏا مسندنشين اول يعني حضرت پيرسائين سيد صبغت الله شاهه اول تجر ڌڻي آهن ۽ جتي "حضرت ميان صاحب " لکيل هجي اتي مراد ذات مبارڪ حضرت شيخ المشائخين پير سائين محمد بقا شاهه پاڪ شهيد ورتل آهي جي والد معظم مرشد مربي پير سائين روضي ڌڻي جا آهن.جن کان حضرت پير سائين روضي وارن طريقه عاليه قادريه ۽ نقشبنديه جي نسبت ۽ مشغولي حاصل فرمايائون ۽حضرت ميان صاحب قادري طريقه جي نسبت جناب مستطاب حضرت پير دستگير واقف اسرارِ الٰهي مدقق حقائقِ نامتناهي غيبي رازن جي ڄاڻندڙ معرفت لاريبي جي نڪتن کي سڃاڻندڙ. حضرت پير شيخ عبدالقادر کان حاصل فرمايائون ،جي سڳورا حضرت غوث الثقلين پير دستگير رضی الله عنه جي اولاد مان آهن ۽ سندن رهڻ جو هنڌ "سوڍاڻي" ۾ آهي. جو اهو شهر جهنگ سيال جي ديهن مان هڪ ديهه ۾ واقع آهي۽ اتي ئي سندن مزار شريف زيارت گاهه خاص عام آهي. ۽ جاڪي لفظ "حضرت مخدوم صاحب " جو ذڪر ٿئي اتي مراد حضرت ڪامل مڪمل فيض رسان، شيخ المشائخ،مخدوم صاحب مخدوم محمد اسماعيل رهندڙ پريان لوءِ شريف سمجهڻ گهرجي. جن کان حضرت ميان صاحب نسبت طريقه عاليه نقشبنديه جي سَند پنهنجي مرشد مڪرم جي حڪم ۽ اجازت سان ورتائون ۽ سندن صحبت مبارڪ ۾ رهي طلب الله سبحانه و تعاليٰ جي فرمايائون ۽ هن ڪتاب مستطاب جو نالو مبارڪ "مجمع الفيوضات" رکيو ويو ۽ هن متبرڪ نسخ ۾ هڪ مقدمو ، سورهه باب ، هڪ خاتمو ۽ هر هڪ باب ۾ وري ڪيترائي فصل ڏنل آهن ،جن جو تفصيل هن طرح آهي:

مقدمو

جنهن ۾ ڪتاب جي ناهڻ جو سبب ۽ مرشدن ڪريمن جي طريقه عاليه قادري ۽ نقشبندي جو شجره ڏنل آهي.

باب پهريون

ذڪر لااُلٰه الا الله جي پيلائي، عملن جي نيت، طلب علم، شريعت، نماز، ۽ دعائن، ۽ روزن بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ ڇهه فصل آهن.

فصل پهريون: لااُلٰه الا الله جي ذڪر بابت. **فصل ٻيون:** عملن جي نيت بابت. **فصل ٽيون:** طلب علم بابت. **فصل چوٿون:** شريعت بابت . **فصل پنجون:** نماز ۽ دعائن بابت .**فصل ڇهون:** روزن بابت .

باب ٻيون

متابعت، عزيمت، وعظ ۽ نصيحت، سچائي جي پيلائي، رياء جي عبادت ۽ رياء جي سخاوت جي مذمت بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ پنج فصل آهن.

فصل پهريون: متابعت بابت. **فصل ٻيون:** عزيمت ۽ رخصت بابت . **فصل ٽيون:** وعظ ۽ نصيحت بابت. **فصل چوٿون:** سچ جي پيلائي ۽ ڪوڙ جي مذمت ۾.**فصل پنجون:** رياء جي عبادت ۽ سخاوت جي مذمت ۾.

باب ٽيون

صفت جلال جمال ۽ اهل ملامت جي ذڪر ، بزرگن تي اعتراض ڪرڻ ۽ سندن شڪايت ڪرڻ جي جهل بابت ، بي ادبن جي تنبيه ، نالائقن جي صحبت کان بچڻ ۽ خوف ۽ اميد بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ ڇهه فصل آهن.

فصل پهريون: صفت جلال ۽ جمال بابت . **فصل ٻيون:** ملامت وارن جي بيان ۾. **فصل ٽيون:** اعتراض ڪرڻ بابت . **فصل چوٿون:** بي ادبيءَ جي تنبيه بابت . **فصل پنجون:** نالائقن جي صحبت کان بچڻ بابت . **فصل ڇهون:** خوف ۽ اميد بابت .

باب چوٿون

توبه ۽ استغفار، مرشدن جي صحبت ، الله سائين عزاسمه جي طالبن جي ادب ڪرڻ ، ذڪر ۽ شغل ، قبض ۽ بسط،خوابن ۽ واقعات ، الله سائين جلشانه جي طلب جي رغبت ڏيارڻ،غفلت کان تنبيهه،نفس جي مخالفت ڪرڻ ۽ موافقت نه ڪرڻ بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ نو فصل آهن.

فصل پهريون: توبه ۽ استغفار جي بيان ۾. **فصل ٻيون:** مرشد جي صحبت ۽ الله جلشانه جي طالبن بابت. **فصل ٽيون:** ادب جي بيان بابت . **فصل چوٿون:** ذڪر ۽ شغل بابت. **فصل پنجون:** قبض ۽ بسط بابت . **فصل ڇهون:** خوابن ۽ واقعات جي نقلن ۾. **فصل ستون:** الله سائين جلشانه جي طلب جي رغبت ڏيارڻ بابت. **فصل اٺون:** غفلت کان تنبيه ڪرڻ بابت . **فصل نائون:** نفس جي مخالفت ڪرڻ بابت.

باب پنجون

ويساهه جي سچائي، اولياءِ ڪرامجي سچاڻٽ، مرشد سان مريد جي اتحاد ۽ رابطي، مرشد جي مريد سان دوستي ۽ مريد کان امتحان وٺڻ بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ پنج فصل آهن.

فصل پهريون: ويساهه جي سچائي جي بيان ۾. **فصل ٻيون:** اولياءِ ڪرام جي سچاڻٽ بابت . **فصل ٽيون:** مرشد سان مريد جي اتحاد ۽ رابطي بابت. **فصل چوٿون:** مرشد جي مريد سان دوستي بابت . **فصل پنجون:** مرشد جو مريد کان امتحان وٺڻ بابت.

باب ڇهون

دنيا ۽ دنيا جي طالبن جي مذمت، دنيا جي ترڪ ڪرڻ، الله تعاليٰ جلشانہ تي توڪل ڪرڻ ، تدبير جي ترڪ ڪرڻ ، الله تعاليٰ جلشانہ کانسواءِ غير کان آزاد ٿيڻ بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ پنج فصل آهن.

فصل پهريون: دنيا ۽ دنيا جي طالبن جي مذمت بابت . **فصل ٻيون:** دنيا جي ترڪ ڪرڻ بابت.**فصل ٽيون:** الله تعاليٰ جلشانہ تي توڪل ڪرڻ بابت. **فصل چوٿون:** تدبير جي ترڪ ڪرڻ بابت . **فصل پنجون:** ماسويٰ الله تعاليٰ کان تجريد ۽ آزادگي بابت .

باب ستون

طالبن جي بلند همت هجڻ ، سچي طالب جي ڪشش ، مرشد جي مريد تي شفقت ۽ الله تعاليٰ جلشانہ جو پنهنجي پاڻهن تي شفقت جي نظر ڪرڻ بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ چار فصل آهن.

فصل پهريون: طالبن جي بلند همتيءَ بابت . **فصل ٻيون:** سچي طالب جي ڪشش بابت . **فصل ٽيون:** مرشد جو مريد تي شفقت بابت. **فصل چوٿون:** پاڻهي تي الله سبحانه وتعاليٰ جي شفقت بابت .

باب اٺون

جذب ۽ عشق الٰهي ، محبت ۽ بي قراري ، سُڪُرَ ،بي خودي ۽ استغراق ، توحيد ۽ ڪفر حقيقي، فنا ۽ بقا ۽ دوام آگاهي بابت نقلن ۾ آهي.هن باب ۾ چهه فصل آهن.

فصل پهريون: جذب ۽ عشق بابت. **فصل ٻيون:** محبت ۽ بيقراري بابت . **فصل ٽيون:** سڪر ،بيخودي ۽ استغراق بابت . **فصل چوٿون:** توحيد ۽ ڪفر حقيقي بابت . **فصل پنجون:** فنا ۽ بقا بابت . **فصل ڇهون:** دوام آگاهي بابت .

باب نائون

حقيقت محمدي ﷺ، ڪعبة الله شريف جي پلائي، عروج ، نزول ۽ اسلام حقيقي بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ چار فصل آهن.

فصل پهريون: حقيقت محمدي ﷺ بابت . **فصل ٻيون:** كعبة الله شريف زادها الله تعاليٰ شرفاً و تعظيما جي ٻلائي بابت . **فصل ٽيون:** عروج ۽ نزول بابت . **فصل چوٿون:** اسلام حقيقي بابت .

باب ڏهون

معجزن ، تصرف ، كرامت ۽ صحيح مكاشفه بابت نقلن ۾ آهن. هن باب ۾ چار فصل آهن.

فصل پهريون: معجزن بابت. **فصل ٻيون:** تصرف بابت . **فصل ٽيون:** كرامت بابت .**فصل چوٿون:** صحيح مكاشفه بابت .

باب يارهون

الله سبحانه و تعاليٰ جي لقاءَ ، نفس جي سڃاڻڻ مان الله پاڪ عزاسمه جي معرفت حاصل كرڻ ، علم لدني ۽ اسرارن بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ چار فصل آهن.

فصل پهريون: الله سبحانه و تعاليٰ جي لقاءَ بابت . **فصل ٻيون :** نفس جي سڃاڻ مان مالك سائين عزاسمه جي سڃاڻ ملڻ بابت . **فصل ٽيون:** علم لدني بابت . **فصل چوٿون:** اسرارن بابت .

باب ٻارهون

فقر ۽ قناعت، فتوحات جي رد كرڻ كان منع ۽ قضاء الٰهي تي راضي رهڻ بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ ٽي فصل آهن.

فصل پهريون: فقر ۽ قناعت بابت . **فصل ٻيون:** فتوحات جي رد كرڻ كان منع بابت . **فصل ٽيون:** قضاءِ الٰهي تي راضي رهڻ بابت .

باب تيرهون

الله سبحانه وتعاليٰ جي مخلوق جي خدمت كرڻ، مسكينن تي رحم كرڻ ، دوائن ، سخاوت مروت، سهٽن اخلاقن ، كسر نفسي ۽ وردن وظيفن بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ ست فصل آهن.

فصل پهريون: الله تعاليٰ جي مخلوق جي خدمت بابت. **فصل ٻيون:** مسكينن تي رحم كرڻ بابت. **فصل ٽيون:** دوائن بابت. **فصل چوٿون:** سخاوت ۽ مروت بابت . **فصل پنجون:** سهٽن اخلاقن بابت . **فصل ڇهون:** كسر نفسي بابت. **فصل ستون :** وردن و ظيفن بابت .

باب چوڏهون

علماءُ الدنيا ۽ علماءُالآخرة جي فرق، كامل ۽ ناقص جي فرق ، عقل انساني ۽ عقل حيواني جي فرق ۽ سعادت ازلي بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ چار فصل آهن.

فصل پهريون:علماءُ الدنيا ۽ علماءُ الاخرة جي فرق بابت. **فصل ٻيون:** كامل ۽ ناقص جي فرق بابت. **فصل ٽيون:** عقل انساني ۽ عقل حيواني جي فرق بابت . **فصل چوٿون:** سعادت ازلي ۽ شقاوت ازلي بابت.

باب پندرهون

متفرق نقلن ، مجنونن ، انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي پلائي ۽ اصحاب سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم جي پلائي بابت نقلن ۾ آهي. هن باب ۾ چار فصل آهن.

فصل پهريون: متفرق نقلن ۾. **فصل ٻيون:** مجنونن جي نقلن ۾. **فصل ٽيون:** انبياءَ سڳورن جي پلائي بابت. **فصل ڇيون:** اصحابن سڳورن جي پلائي بابت.

باب سورهون

شفاعت، قصورن جي معافي، خوشطبعي ، مرشد ڪريم ﷺ جي وصيتن ۽ اولياءِ ڪرام جي مناقب بابت نقلن ۾ آهي. هن ۾ پنج فصل آهن.

فصل پهريون: شفاعت بابت .**فصل ٻيون:** قصورن جي معافي ڏيڻ بابت . **فصل ٽيون:** خوشطبعي بابت . **فصل چوٿون:** مرشد ڪريم جي وصيتن بابت. **فصل پنجون:** اولياءِ ڪرام جي مناقب بابت.

خاتمہ ڪتاب

مرشدن ڪريمن جي مناقب ۽ وصال جي تاريخ بابت نقلن ۾ آهي. هن ۾ ٻہ فصل آهن.

فصل پهريون: مرشد ڪريم جي مناقب بابت . **فصل ٻيون:** مرشد ڪريم جي وصال جي تاريخ بابت.

مقدمو

هن ۾ ڪتاب ٺاهڻ جي سبب ۽ مرشدن ڪريمن جي طريقہ قادريہ ۽ نقشبنديہ جي شجره طيبہ جوتفصيل آهي .

ڪتاب ٺاهڻ جو سبب

بسم الله الرحمٰن الرحيم

جنهن وقت هي فقير حضرت مرشد مربي جن جي زمان فيض نشان ۾سندن حضور پر نور منجهہ حقيقت ۽ معرفت جي شراب جي نشي ۾سرشار ۽ سندن ميخانہ جي محبت واري مئي سان (جنهن عام ۽ خاص ماڻهن جي دلين وارو شيشوٽٻٽار ڪري ڇڏيو هو)سرگردان ۽ پرخمار هو،جنهن ڪري پنهنجي جان ۽ جملہ جهان جي سڌسماچارڪان لاچار ۽ بي خبر،محبوب جي ديدارپر انوار۾ محو۽متحير،حجابن جي اوڍرن ڪان آزاد ۽محبت جي استغراق ۾ مستغرق ۽دلشاد هوس،ان وقت توٽيڪ سندن حضور فيض گنجور۾، نڪتا عجيب عجيب ۽حقائق دقيق ۽ غريب غريب ٻڌڻ ۾ ايندا هئا،پر دل جي جوش خروش۽ عشق جي شور ۾مدهوش هجڻ پاران انهن جي گڏ ڪرڻ جو وار جيترو بہ خيال پيدا نہ ٿيو.بلڪ گهٽو ڪري سگهہ ۽ بيخودي ،استغراق ۽محويت سببان اهي اسرار۽گفتار فيض آثار جا اڪر،دل جي قرهيءَ تان محو ٿي ويا،جڏهن انهيءَ حقيقي آفتاب عالمتاب"كل شيءٍ يرجع الى اصله" جي قانون ۽ سنت نبوي عليٰ صاحبها الصلواة والسلام جي بجا آوري موجب "الا ان اولياءَالله لا يموتون بل ينتقلون من دار الى دار" جي ڪڪرن ۾ پردو فرمائي ،"اوادنيٰ"جي بحر بي ڪنار ۾ٽٻي هٽي ، هن جهان جي روشنائي کي فراق جي ظلمات سان مبدل فرمايو ،تڏهن جماعت طالبن جي شيرازه جو مجموعو ورق ورق ۽ عاشقن جي جمعيت وارو گلدستو پن پن ٿي اڌامي ويو.

از فلک برخواست آه ، و از ملک فرياد خواست
کز جهان روپوش گشته ، آن شفيع پاک ذات

يعني: مرشدن ڪريمن بي ڪسن جي پرجهلن ضعيفن يتيمن جي ياورن جي جدائي ۾آسمان ڪان آه زاري۽ملائڪن ڪان فريادبيقراري پيدا ٿي وئي چو تہ ،

ويو سڄ وٽن تان راسيون ڏيئي رڳ،
جنهن سان منهنجو سڳ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

توٽيڪ هن وچوڙي جي واءسجي ملڪ کي نهوڙي وڌو هو پر خاص طرح هن فقير دل

گير جي دل،محبت منزل،جا محبوب جي ڳٹن ڳڏل ۽ حاضري جي دائمي فرحت تي هريل ۽ سدائين نظاري محبوب پياري جي مناڻ جي چاشنيءَ سان لذت پريل هئي .۽ جدائي جي زهر جي ڪوڙاڻ کان نا آشنا ۽ فراق جي شهباز کان بي پرواهه گذاريو هئائين تنهن کي جڏهن اوچتو 'جدائي'جي طوفان اجاڙي ۽ قلب جي قمري کي درد الم جي باز پچاڙي وڌو تڏهن حيرا ن سرگردان چشم گريان با حال زار ۽دل پريشان پڪارڻ لڳس تہ ،

کجا شد سرو ، يا رب! که در بستان نمی بينم
شدم مشتاق چوں بلبل ،گل و ريحان نمی بينم

يعني: او منهنجا رب! سرو ڪاڏي ويو جو باغ ۾ نہ ٿو ڏسان ،بلبل وانگي بي حال ٿيو آهيان جو گل گلزار نہ ٿو ڏسان .

خاص ڪري هن وقت جو ٻارنهن سو انٽيتاليهون سن (۱۲۴۸ هـ) آهي جنهن ۾ عدل جي عيوض ظلم ۽ علم بدران جهل، ادب جي بجاءِ بي ادبي ،۽ سچ بدران ڪوڙ ۽ رحم بدران ڪاوڙ جو دور هلي رهيو آهي ۽ سهٽن اخلاقن ۽ چڱي چلت جو زمانو بد اخلاقن ۽ ڪڏن ڪمن سان مٿجي رهيو آهي جيئن حضرت خواجہ حافظ فرمايو آهي:

اين چہ شور است که در دور قمر می بينم
همہ آفاق پر از فتنہ و شرر می بينم
ابلهاں را همہ شربت ز گلاب وعسل است
قوت دانا همہ از خون جگر می بينم
دختران را همہ جنگ ست جدل بامادر
پسران را همہ بدخواه پدر می بينم

يعني: هي ڪهڙو شور ۽ لڙ، چنڊ جي دور ۾ ٿو ڏسان جو ملڪ فتنن۽ شرارتن سان ڀرجي ويو آهي نا لائق جاهلن بيوقوفن کي ماکي ۽گلاب جا شربت پيا ملن ۽ دانائن ۽ ديندارن کي جگر جو رت وڄي قوت رهيو آهي ڏيئرن کي مائرن سان جهيڙا لڳا پيا آهن تہ پٽ وري پنهنجي پيئرن جا بد خواه ٻڌجي ويا آهن.

اهڙن فتنن ۽ ڏکن ۽ اندوهن جي زمانہ ۾ مرشد مهندار،اکين نار،قلب جي قرار،جي منهي صحبت ۽ وصال جي لذت ۽ فرحت جا ڏينهن ياد پون ٿا تہ اندر ۾ چاڪ ۽ چير،جگرجهير ۽ جهيرن ۾لوڙ ٻرڪجي ٿو .تنهن ڪري پنهنجي دل قٽيل جي تسڪين ۽سچن طالبن جي ترغيب ۽غافلن جي تنبيہ خاطر ۽ پٽ سندن عاشقن جي جمعيت وارن درختن، جي سرسبزي لاءِ ،جي انهيءَ باغبان باغ الٰهي ۽ شيرازه ٻڌندڙ مجموعي طالبن نا متناهي جي فراق ۽ جدائي جي جهولي ۾ سچي تازگي جي پنن کان پالها ٿي ويا آهن .ڪي مقولا مبارڪ جي حضور پر نور جا فرمايل گلاب جي خوشبوءَ وانگر فيض جي

عرق ۾ واسيل آهن. سي ڪتاب جي شيشي ۾ گڏ ڪري اشتهار جي دڪان تي رکيم تہ سيڪو خاص عام جو بي ارادتي جي زڪام کان پالهو هجي سو هن گلاب نايابَ جي دل آويز خوشبوءَ سان پنهنجي مغز کي معطر معنبر ڪري هن فقير حقير کي خير جي دعا سان ياد پيو ڪري .

ان کان سواءِ هن عمل صالح مان اهو بہ مقصد اٿم تہ مرشدن ڪريمن جي يقين جوڳي ۽ سعادت واري فرمان جي اطاعت ۽ تابعداري بہ نصيب ٿئيم جنهن کي خليفي محمد حسين پنهنجي "صحبت نامہ "۾ (جنهن جو نسخو نايابَ بہ آخر ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي) نقل ڪيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ سڀ ڪنهن مريد کي ڪپي تہ جيڪو بہ نڪتو يا گفتو پنهنجي مرشد جي زبان وحي ترجمان مان ٻڌي تہ ان کي" وحي الٰهي " سمجهي ڪاغذ تي قلمبند ۽ سيني جي صندوق ۾ محفوظ ڪري ڇڏي. اميد آهي تہ انهن الفاظن متبرکن جي طفيل نعمت بي بها درجہ اعليٰ حاصل ٿي پوندس . ڇو تہ سياڻن جو قول آهي تہ "العلم صيدوالكتاب قيد" يعني علم وحشي جانور وانگر پڃي وڃڻ واري شيءِ آهي ۽ ان کي لکڻ پچري ۾ ڦاسائي ڇڏڻ جي مثال آهي ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن بہ ارشاد فرمايو آهي تہ" قيدوا العلم بالكتابة" (طبراني) يعني علم کي لکڻ سان قيد ڪري ڇڏيو ۽ پڻ ڪتابن لکيو آهي تہ "ما كتبت قر وما حفظت فر"يعني جيڪي علم لکيئي سو سوگهو ٿيو ۽ جو ياد جي آسري تي ڇڏي ڏنئي تہ وسري ويندو.

كل علم ليس فى القرطاس ضاع
و كل سر جاوز الاثنين شاع

جيڪو علم ڪاغذن ۾ سوگهو نہ ٿيو تہ ضايع ٿي ويندو ۽ جو ڳجهو راز ٻن ڇڻن کان ٽپي وڃي تہ ملڪ ۾ پکڙجي ويندو.

مرشد ڪريمن جي طريقہ قادري ۽ نقشبندي جو شجره طيبہ

جنهن جي برڪت سان محبوب حقيقي جو وصال، صاحب حال طالبن کي نصيب ٿئي ٿو ۽ ٻنهي جهانن جي بهبودي جا مقصود بہ ان جي طفيل حاصل ڪري سگهجن ٿا.

اي عزيز! جنهن بہ طالب کي مشڪلات جي عقدن حل ڪرڻ جي تمنا هجي تہ ان کي کپي تہ بہ رڪعتون نفل الله سبحانہ و تعاليٰ واسطي ادا ڪري پو ۽ هن اسمن شريفن ۽ انهن مشائخن سڳورن جي ارواح طيبہ کي وسيلو وٺي دعا گهري تہ انشاء الله تعاليٰ جلد پنهنجي مقصد جو موتي اجابت جي مهراڻ مان اميد جي دامن ۾ موجود ڏسندو. الله تعاليٰ علي ڪل شيءِ قدير وبالا جابة جدير.

مرشدن سڳورن جي طريقہ سنيہ قادريہ جوشجره طيبہ

جنهن ۾ جناب اطهر حضورانور،سرور ڪائنات ،مفخر موجودات ،ختم المرسلين، سيد الاولين والاخرين ﷺ کان وٺي مرشد مربي حضرت پير سائين روضي ڏٺي تائين سلسلہ شريفہ ڏنل آهي.

بسم الله الرحمان الرحيم

الحمد لله رب العالمين والصلواة والسلام على رسوله وعلى آله واصحابه اجمعين.

اَمَّا بَعدُ فهٰذا سلسلة مشائخ الطريقه القادريه رضوان الله تعالىٰ عليهم اجمعين.

الٰهي بحُرمَةِ حضرت سيد الكونين رسول الثقلين محبوب رب العالمين خَاتَمِ النَّبِيِّيْن حضرت سيدنا **مَحَمّدِن اَلْمُصْطَفيٰ** ﷺ

- الٰهي بحرمة يعسوب الموحدين شمس المشارق والمغارب امير المؤمنين سيدنا عَلِي بن ابي طالب رضی اللہ عنہ.
- الٰهي بحرمت شيخ المحققين قدوة العلماءِ الربانيين حضرت خواجہ **حسن بصري** رضی اللہ عنہ
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **حبيب** عجمي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **داود** طائي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ سيد الطائفہ حضرت خواجہ **معروف** ڪرخي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **سري سقطي**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ سيد الطائفہ حضرت خواجہ **جنيد** بغدادي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **ابو بڪر** شبلي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ ابي الفضل **عبد الواحد** بن عبد العزيز تميمي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **ابو الفرح** طرطوسي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ ابي الحسن **علي بن محمد** يوسف القرشي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **ابي سعيدالمبارڪ** المخزومي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ محبوب حقاني قطب صمداني حضرت خواجہ شيخ محي الدين پير دستگير سيد **عبدالقادر** الجيلاني رضی اللہ عنہ


- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **عبدالوهاب**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **صوفي**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **احمد**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **مسعود**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **علي**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **شاه مير**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **شمس الدين محمد**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **محمد غوث**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **عبدالقادر**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **عبدالرزاق**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **حامد** شاه
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **عبدالقادر**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **شمس الدين محمد**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **حامد** شاه گنج بخش
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **شمس الدين** محمد
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **صالح** شاه
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ فردالحقيقة حضرت خواجہ سيد **عبدالقادر** حسيني
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ سراج الواصلين ،فخر العاشقين، محب النبي عليه افضل الصلواة والتسليمات حضرت خواجہ سيد **محمد بقا شهيد** حسيني
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ شمع الاولياءِ ،محي السنة النبويه ، ماحي آثار البدعة ، بدرقه السالكين، موصل الطالبين اليٰ مطالبهم حضرت شيخ السيد **محمد راشد** ر روضي دتّي رضی اللہ عنہ

اسماءِ شريف پيران طريقہ عاليہ نقشبنديہ

- الٰهي بحرمت سيد الكونين و رسول الثقلين محبوب رب العٰلمين حضور آقا سيدنا **محمد ن المصطفي** صلی اللہ علیہ وسلم
- الٰهي بحرمت امير المؤمنين و امام الاصدقين سيدنا حضرت **ابوبكر ن الصديق** رضی اللہ عنہ
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت **سلمان الفارسي** رضی اللہ عنہ
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت **قاسم** بن محمد ابي بكر الصديق رضی اللہ عنہ
- الٰهي بحرمت امام المؤمنين شيخ المشائخ حضرت امام **جعفر صادق** رضی اللہ عنہ
- الٰهي بحرمت سلطان العارفين شيخ المشائخ حضرت خواجہ شيخ **بايزيد بسطامي**

- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت **ابوالحسن** خرقاني
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **ابو علي** فارمدي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **ابو يوسف** همداني
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **عبدالخالق** عجدواني
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **عارف** ريوكري
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **محمود الخير** فغنوي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **علي** راميتني
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **محمد بابا** سماسي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **امير كلال**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **بهاء الحق** والدين المشتهر بالنقشبند
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **يعقوب** چرخي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **عبيدالله** احرار
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ مخدوم **محمد زاهد**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **درويش محمد**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ **خواجگي** امكنگي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ عارف بالله حضرت خواجہ محمد **باقي بالله**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ شيخ احمد فاروقي سرهندي الملقب بمجدد الف ثاني
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ سيد **آدم** بنوري
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ شيخ **سعدي** لاهوري
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ حاجي **ايوب**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ حضرت خواجہ مخدوم **جمال الله**
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ زبدة الواصلين ختم العاشقين حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ سيد السادات سراج الوا صلين فخر العاشقين حضرت خواجہ سيد **محمد بقا شهيد** حسيني
- الٰهي بحرمت شيخ المشائخ شمع الاولياء محي السنة النبويه ماحي آثار البدعة بدرقه السالكين وموصل الطالبين اليٰ مطالبهم حضرت الشيخ السيد **محمد راشد** روضي دٹي رضی اللہ عنہ.

وصلي الله تعاليٰ خير خلقه محمد وآله واصحابه و اولياءِ امته اجمعين وبارک وسلم



(جلد اول)

جامع

عارف باللہ الودود حضرت خلیفہ محمود فقیر نظاماٹي رحمۃ اللہ علیہ

مترجم

حضرت علامہ مفتي محمد قاسم مشوري رحمۃ اللہ علیہ

سکندریہ پبلیکشنز، درگاہ شریف حضرت پیرسائین پاگارا : طالب دعا: ع ق سکندري

باب پهريون

هن ۾ ڇهه فصل آهن:

فصل پهريون
ذكر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي پلائي بابت

نقل 1: هيڪر پاڻ قدس سره حديث شريف كان نقل فرمايائون تہ جيكو شخص هك دفعو كلمو طيب يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ ﷺ سچي دل سان پڑهندو تہ ان كي الله تبارك وتعاليٰ بنا حساب جي بهشت ۾ داخل فرمائيندو.

نقل 2 : هيڪر پاڻ حديث كان بيان فرمايائون تہ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جو ذكر شريف گناهن كي اهڙي طرح ڳاري ٿو ڇڏي جيئن سج برف كي.

نقل 3: هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ كنهن وقت ام المؤمنين بي بي عائشہ رضي الله عنها ، حضرت نبي كريم ﷺ جي خدمت ۾ عرض گذاريو تہ يا رسول الله! ﷺ اسان جا پيٹ اٽي ڳوهڻ كان وٺي ماني پچائڻ تائين بہ آرام نہ ٿا كري سگهن پوءِ جنهن وقت دجال لعين پيدا ٿيندو ۽ ان كان سواءِ بي هنڌ طعام ملڻ مشكل ٿي ويندو تہ ان وقت مؤمنن جو حال بك كان كهڙو ڏكيو ٿيندو؟ پاڻ كريمن ﷺ فرمايو تہ ان وقت مؤمنن لاءِ الله تعاليٰ جو ذكر كاڏي بدران طعام وانگر قوت هوندو.

نقل 4 : هيڪر پاڻ حديث شريف كان نقل فرمايائون تہ جنهن شخص هكڙو پيرو لفظ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جو دل جي يقين سان پڙهيو تہ اهو شخص بهشت ۾ داخل كيو ويندو.پوءِ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم خدمت اقدس ۾ عرض كيو تہ يا حضرتا توڙي اهو شخص چوري كري تہ بہ بهشت ۾ ويندو؟پاڻ فرمايائون تہ توڙي چوري كري ، وري پچيائون تہ توڙي زنا كري؟ پاڻ فرمايائون توڙي زنا كري.

نقل 5 : هيڪر پاڻ حديث شريف كان نقل بيان فرمايائون تہ جڏهن كي ذكر كندڙ شخص هك هنڌ گڏجي ذكر ۾ مشغول ٿين ٿا تڏهن الله تعاليٰ ملائكن كي زمين تي موكلي ٿو ۽ كين فرمائي ٿو تہ وڃي منهنجي ذكر كندڙن پانهن كي ڏسو ۽ سندن احوال كان واقف ٿيو!پوءِ جڏهن اهي ملائك سڳورا انهن ذكر كندڙن كي ذوق شوق سان ذكر كندو اچي ڏسن ٿا، تڏهن سندن حلقي كي چوڌاري وكوڙي ويهي وجن ٿا۽ شيطانن جي لشكرن كان جي دلين ۾ وسوسووجهندا آهن سندن حفاظت كن ٿا پوءِ جڏهن ذكركان واندا ٿين ٿا تڏهن الله تعالي جي دربار ۾ اچي سندن ذكر جي شغل ۽ ذوق شوق جو احوال عرض ركن ٿا .

الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ انهن پانهن جن اهڙي ذوق شوق سان ذكر پئي كيو ڇا انهن

سكندريه پبليكشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

مونکي ڏنو به آهي يا بنا ديدار حاصل ٿيڻ جي اهڙو شوق ۽ لذت اٿن؟ملائڪ عرض ڪن ٿا ته يا رب العٰلمين! انهن ٻانهن تنهنجي ذات پاڪ کي ڪونه ڏنو آهي پر جي کين ديدار نصيب ٿي وڃي ته هوند عجب ذوق شوق سان تنهنجي ذات پاڪ ۾ محو ٿي وڃن. تڏهن الله سبحانه وتعاليٰ ڪمال رحم ڪرم سان فرمائي ٿو ته اي ملائڪو! اوهان جي شاهدي سان مون انهن سيني ٻانهن کي جيڪي ذڪر جي حلقي ۾ داخل هئا بخشي ڇڏيو.ملائڪ عرض ڪن ٿا ته يا رب العلمين! انهن مان هڪ شخص ذڪر ۾ شامل ڪونه هو. بلڪ ڪنهن ڪم ڪار سان هڪڙي ذڪر ڪندڙ شخص وٽ اچي حلقي ۾ وينو هو .تڏهن حڪم ٿئي ٿو ته انهي ذڪر نه ڪندڙ کي به ذڪر ڪندڙن جي طفيلي بخشي ڇڏيم .

اي عزيز! انهيءَ ڪري ٻي هنڌ سردار دو جهان ﷺ کان وارد ٿيل آهي ته ،

"هُمُ الْجُلَسَآءُ لَا يَشْقٰى جَلِيْسُهُمْ"

يعني : انهن الله پاڪ جي ٻانهن سان گڏ ويهندڙن کي ٻي نصيب نه ڇڏيو ويندو ،

نقل 6 :هيڪر پاڻ قدس سره نقل بيان فرمايائون ته سمنڊ جي ٻيٽ ۾ هڪ وڻ آهي جنهن جي پنن تي لفظ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ لکيل آهي، الله تعاليٰ ملائڪن کي ان وڻ جي چوڌاري مقرر فرمائي ڇڏيو آهي ته جيڪو به پن انهيءَ وڻ مان ڇٽي ته ان کي زمين تي ڪرڻ نه ڏين بلڪ مٿان کان ئي ونئي نيئي بهشت ۾ داخل ڪن پوءِ پاڻ فرمايائون ته جڏهن وڻ جي پن کي به الله تبارڪ وتعاليٰ جنهن تي لفظ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ لکيل آهي ته زمين تي اڇلائڻ نه ٿو سهي،تڏهن جنهن ماڻهو جي دل تي لفظ سڳورو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ لکيل هوندو تنهن کي دوزخ جي باهه ۾ ڪيئن وجهرائيندو.

نقل 7 : احمد فقير صغير ناهيو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ قدس سره حديث شريف کان نقل فرمايائون ته سيني ذڪرن کان زور ٻلو ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ آهي ۽ سيني دعائن کان زور ٻلي دعا فاتحه يعني الحمد شريف آهي .

نقل 8 :طيب فقير راهوڪڙو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ قدس سره جمعي نماز کان پوءِ ڪرسيءَ تي ٻيهي وعظ فرمايائون جنهن ۾ ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ٻلائي ۽ صلوات شريف جي فضيلت بابت بيان هو ، پوءِ جڏهن پاڻ واعظ کان فارغ ٿي ڪرسيءَ کان لٿا تڏهن فرمايائون ته اي يارو! ٻڌو ته الله تعاليٰ اسان سان واعدوڪيو آهي ۽ اسين اوهان سان واعدو ڪريون ٿا ته جيڪو شخص هميشه ذڪر جي تلاوت ڪندو رهندو سڪرات مهل توڙي قبر ۽ قيامت ۾ ان جي ايمان ۽ بخشش جا ضامن اسين آهيون .اتي حاجي بندو فقير نالي هڪڙي پوڙهي شخص کي خيال آيو ته سائين جن جا مريد ته لکين آهن پوءِ هر هڪ کي ويجهي يا پري پهچڻ سندن ڪيئن ٿي سگهندو؟ سندس وهم اچڻ شرط فرمايائون ته اي ادا پوڙها! جو پٽ سان ٽيڪ ڏيو وينو آهين تون مري ڏس آئون توکي پهچان ٿو يا نه ؟

اي عزيز! هي ظاهري سج جڏهن ٽاڪ منجهند جو سر جي مٿان ايندو آهي تڏهن ڏسندو آهين

تہ کيئن نہ سندس شعاع کان زمين جون چارئي ڪنڊون روشن ٿي ويندیون آهن پوءِ پير ڪامل بہ حقيقت جو سڃ ڪري سمجهہ جنهن جي نور سان جهان جا سمورا ذرڙا روشن ٿي وڃن ٿا ، پوءِ انهي ءَ سڃ جي نظر فيض اثر کان کي بہ ذرڙا ڪٿي ڳجها رهي سگهندا ؟

نقل 9 :غلام محمد فقير نظاماڻي رهندڙ ٽنڊي سومري نظاماڻي (جيڪا روپاهہ پرڳٽي جي هڪ ديهہ آهي) جو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جو سفر ڪندي اسان جي ديهہ ۾ نزول رحمت شمول فرمايائون ۽ عرض گذارڻ تي مون عاجز جي گهر زيارت ڪرائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا اتي مون خدمت شريف ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا ! ولي محمد نظاماڻي هميشہ ذڪر ڪندو رهي ٿو ولي محمد بہ اتي حاضر هو ، پاڻ ڏانهس نظر فيض اثر سان نهاري فرمايائون تہ ذڪر ڪندڙن جو منهن پري کان پڏرو آهي، جيتري قدر جو ذڪر ڪري ٿو اوتروئي الله سبحانہ وتعاليٰ سندس منهن کي حياتيءَ ۾ توڙي مماتيءَ کان پوءِ روشن فرمائي ٿو ۽ سندس قبر کي ڪشادو ڪري ٿو.

مڪتوب،يعني سندس خط مبارڪ جو پاڻ مخدوم غلام محمد ڏانهن ذڪر جي ترغيب لاءِ لکيو اٿن ،جيتوٽيڪ سندن هي خط مبارڪ مڪتوبات ۾ لکيل آهي. پر جڏهن تہ پاڻ اهو خط ذڪر جي پلائي بابت لکيو اٿن، تنهن ڪري هن باب ۾ ان جو آٽو مناسب سمجهيو ويو، اهو خط مبارڪ هي آهي.

مخدوم غلام محمد رهندڙ ديهہ لکڙي واقع پرڳٽي پٽن جي ڏانهن ذڪر جي تحريص بابت لکيو ويو:

بِسمِ الله الرحمٰن الرحيم

الحمدلوليه والصّلوٰة والسّلام علیٰ نبيه سيدنا محمد وآله و اصحابه وسلم۔

اما بعد!فيقول الفقير المحتاج الی الغنی الکريم. السلام منی إلیٰ اولاد الا کابر والفضلاء اعنی غلام محمد ما هو المراد اغتنموا عرصة العمر واطلبوا فردوس الله ای رياض الجنة الّتی هی حلق الذ کر لان الوقت سيف قاطع۔

گفت بہ طبيب حال درد نهاں
گفتا بجز ياد دوست بند دهان
گفتم غذا گفت همين خون جگر
گفتم ز پرهيز گفت از ہر دوجهان

زيادہ والسلام لاخوانکم واولاد کم ولجميع جماعة الحاضرين تحفه اسلمه متحف باد.

ترجمو: يعني تہ حمد صلوات کان پوءِ هي فقير رب غني ڪريم جو محتاج محبي غلام محمد کي جو پلارن ۽ بزرگن جي اولاد آهي، سلامن کان پوءِ چوي ٿو تہ حياتيءَ جي مدت کي غنيمت ڪري

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سمجهو ۽ خدا تعاليٰ جي فردوس (بهشت) جي طلب ۾ رهو.جي حديث شريف جي حڪم موجب ذڪر جا حلقا آهن ، چوتہ وقت ترار ڪپيندڙ آهي.

بيت:طبيب يعني مرشد ڪي پنهنجي اندر جي درد جو احوال نيئي ٻڌايم. پوءِ مون ڪي علاج ڏسيائين تہ دوست جي يادگيري ۽ ذڪر ڪانسواءِ وات بند رک،وري ڪاڏي بابت پڇيم چيائين تہ جيري جو رت يعني محبوب جي سڪ جو درد ۽ غم ڪائيندو رهہ.ڪِريءَ بابت فرمايائين تہ ٻنهي جهانن ڪان رک ڪر تہ پوءِ سيني ڏکن ڪان آزاد ٿي پوندين .زياده اوهان جي پائرن،اولاد ۽ جملہ جماعت حاضرين ڪي سلام پهچن .

نقل 10: خليفومحمود جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿوتہ هيڪر پاڻ هن فقير جي دعوت تي ڪڙيي گهنور ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، پوءِ زيارت ڪرائڻ لاءِ اندر اسان جي گهر قدم رنج فرمايائون ، تہ اتي شهر ۽ آس پاس جون زالون مريدياٽيون گهٽيون اچي گڏ ٿيون هيون تڏهن مون انهيءَ مجلس ۾ عورتن ڪي چيو حضرت پير سائين جن فرمائن ٿا تہ جيڪو منهنجي مريدن ما ن ڏسيل ذڪر هميشہ ڪندو رهندو تہ ان جي ايمان جو ذمو قيامت جي ڏينهن اسان تي آهي ، پوءِ پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان ٿي پيرا موٽائي موٽائي فرمايائون تہ جيڪو ڏسيل ذڪر هميشہ ڪندو رهندو تہ قيامت جي ڏينهن سندس ايمان جو ذمو اسان تي آهي ۽ جيڪو ذڪر نہ ڪندو اسان جو مريد نہ آهي.

نقل 11: هيڪر ڪڇ جي سفر ۾ ٻن شخص پيءُ پٽ قوم جا ڊڪڻ حضور ۾ حاضر ٿي اچي تلقين ورتائون. پاڻ ٻنهي ڪي چار هزار ذڪر معلوم جا ارشاد فرمايائون ۽ فقيرن ڪي حڪم فرمايائون تہ انهن ڪي ذڪر جون تسبيحون سيکارن ۽ هر هر چورائين، فقيرن ٻنهي ڄڻن ڪي ذڪر پي چورايو، پر انهن ٻنهي مان هڪڙي شخص ڏاڍي جوش ۽ محبت سان ذڪر جي تلاوت پي ڪئي باقي ٻي شخص هوريان هوريان پي پڙهيو،جڏهن ذڪر ڪان فارغ ٿيا، تڏهن فقيرن مان هڪڙي شخص ٻي شخص ڪي آهستگيءَ سان چيو تہ انهن ٻنهي ڄڻن مان هڪڙو شخص ذڪر واهہ جو ڪندو ۽ باقي ٻيو شخص ذڪر شل ڪري! پاڻ سندس چوڻ ٻڌي ورتائون ۽ فرمايائون تہ هينئر جو چار تسبيحون ذڪر جون ڪيائين تنهن جا شاهد اسين ٻہ آهيون .

نقل 12: هيڪر پاڻ ﷺبيان فرمايائون تہ ڪهنياري ڳوٺ جو رهندڙ هڪ شخص اسان وٽ آيو هو، پوءِ جڏهن اسان ڪان موڪلائي ڳوٺ ٿي ويو تڏهن وات تي ڪٽي سانجهيءَ جي نماز ادا ڪري ذڪر مقرر جي تلاوت هڪ مقام ڪان لنگهندي ڪيائين ايا ٻہ ٿي وڪون مقام ڪان اڳيرو وڌيو تہ پويان سڏ ٿيس اي ذڪر پڙهندڙ مومن! پوئيرو اچجانءِ اهڙي طرح ٿي سڏ ٿيس هي پوئتي وڃي ڏسي تہ هڪ شخص قبر ڪان ارهہ تائين ٻاهر نڪري آيو آهي ۽سڏ ڪيون پيو ٿو چوي تہ ادا مون ڪي ذڪر جي تلقين ڪيون وڃ ، چو تہ جيڪو ٻہ توهان جي پير جي مريدن مان ذڪر ڪندڙ شخص هت مقام ۾ آيو آهي اهو هن هنڌ ڏاڍو خوش ۽ فرحت ۾ آهي تنهن ڪري مونکي پنهنجي پير جي طريقي وارو ذڪر ڏسي وڃ

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

،ان فقير کيس ورندي ڏني ته مونکي ذڪر سيکارڻ جي اجازت ڪانه مليل آهي،پاڻ فرمايائون ته جڏهن اهو فقير اسان وٽ آيو تڏهن مقام وارو سمورو احوال اچي ٻڌايائين اسان کيس چيو ته ان کي ذڪر سيکارڻ ڪپندو هو. پوءِ ان کي چيوسون ته تو پڻي ڏني اسان ان کي ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جو ڏسي قبر ڏي موڪل ڏني هئي.

نقل 13: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر مون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! جناب پير سيد عبدالقادر قدس سرہ سرهاڻ وارو،جنهن کان حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن طريقہ عاليہ قادريہ ۾ مشغول هئا،تن جي روش ڪهڙي هوندي هئي؟ پاڻ فرمايائون ته سير گهٽو ڪندا هئا،ڏکڻ جي طرف پنجاب کان سيوهڻ تائين ۽ اتر ڏي ڪشمير تائين سندن گهمڻ جو دنگ هو. پوءِ فرمايائون ته سندن مريد جيڪي پنجاب کان سيوهڻ جي دنگ تائين هئا سي سيئي ذڪر شريف ڏاڍيان ڪندا هئا جيئن اسان جي فقيرن جي جماعت ۾ ٿيندو آهي هي ۽ فرمايائون ته مريد جو لفظ ڳالهائڻ غلط آهي ، بلڪ مريد جي بدران'يار' چئجي ته بهتر آهي جيئن حضرت پيغمبر صلی اللہ علیہ وسلم جي وقت ۾ سندس پوئلڳن لاءِ اصحابي جو لفظ چئبو هو جنهن جي معني آهي 'يار 'ءِ 'ساڻي'.

نقل 14: پاڻ قدس سرہ فرمائيندا هئا ته طالب کي پهريان پهريان لساني ذڪر ۾ ذوق پيدا ٿيندو آهي پوءِ قلبي ذڪر سان پوءِ فڪر سان پوءِ قرآن پاڪ جي تلاوت سان پوءِ صلوٰت شريف سان پوءِ تهليل سان اهڙي طرح سندس ذوق درجي بدرجي زيادتي ڪندو رهي ٿو ، تانجو سندس شغلن ۾ پويون پويون شغل تهليل آهي ، يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ چوڻ.

نقل 15: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿوهيڪر پاڻ قدس سرہ لقمان تالپر جي ديهه ۾ تشريف فرمائي هئائون اتي مون موڪل لاءِ خدمت ۾ عرض گذاريو.جڏهن ته ان وقت لاڙ ملڪ ۾ وبا جو وڏو زور شور هو تنهن لاءِ ۽ دعا جو عرض ڪيم پاڻ فرمايائون ته مڙني يارن يعني مريدن سان گڏجي ذڪر جي وڃي ڪوشش ڪيو ته سيني تڪليفن کان امن ۾ رهندوَ.

نقل 16: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو هيڪر پاڻ فرمايائون ته نقشبندي بزرگن قدس الله اسرارهم خفي ذڪر کي جهري ذڪر تي فضيلت ڏني آهي،پر اسان وٽ جهري يعني وڏي آواز سان ذڪر وڌيڪ پلو آهي، ڇو ته آهستگي واري ذڪر سان رڳو قلب کي راحت ملي ٿي ۽ جهري ذڪر سان قلب کان سواءِ ٻين عضون کي ۽ ذوق شوق جو حصو پهچي ٿو ڪنهن شاعر چيو آهي :

ذکر کن ذکر تا ترا جان است
پاکی دل ز ذکر رحمان است

يعني: جيسين جسي ۾ ساهه اٿئي ،تيسين ذڪر ئي ذڪر پيو ڪر ، ڇو ته دل جي صفائي رڳو ڏٺي تعاليٰ جي ذڪر سان ئي ٿيٽي آهي .

نقل 17: هيڪر سندن درگاھ مبارڪ تي فقيرن هن ڳالھ تي اچي بحث ڪيو تہ تهجد جي نفلن کان پوءِ ذڪر جي تلاوت افضل آهي يا فڪر سان مشغول ٿيڻ ؟ ڪي چون پيا تہ ان وقت ذڪر جي تلاوت زياده چڱي آهي ۽ ٻيا پيا چون تہ نہ،انهيءَ مهل فڪر ۾ مشغول ٿيڻ زور ڀلو آهي . نيٺ انهيءَ ڳالھ جو فيصلو حضور مبارڪ ۾ پيش ٿيو، پاڻ فرمايائون تہ مقصد اعليٰ ۽ مطلب اصلي ذڪر توڙي فڪر مان هيءُ آهي تہ روحاني ذوق حاصل ڪجي پوءِ جنهن کي ذڪر سان ذوق گهٽو حاصل ٿئي ٿو تہ ذڪر ڪرڻ ڪپيس ۽ جيڪڏهن کنهن کي فڪر ۾ آرام ۽ ذوق وڌيڪ اچي ٿو تہ ان کي فڪر جي مشغولي بهتر آهي.

نقل 18 : مير ٻڊي ٽالپر جي پائٽيءَ نقل ڪري ٿي تہ حضرت پير سائين قدس سرہ جن جڏهن لاڙ جي سفر تي نڪرندا هئا، تڏهن هن عاجزه کي ب زيارت سان مشرف فرمائيندا هئا، پوءِ جيڪي سندن پرپٽ کي ب وهم اڳ دل ۾ ايندا هيم تن سيني جا جواب اشارن ۾ نقلن جي واٽ سان ڏيڻ فرمائيندا هئا ، هڪڙي ڏينهن عورتن جي عام دستور موجب ڳهه ڳهڻا لباس وغيره پائي پاڻ کي سينگاري آئيني ۾ پاڻ ڏٺم ۽ ڏسڻ وقت دل ۾ هي خيال اچي ويو تہ هيءَ ظاهري صورت هن سونهن ۽ سينگار هوندي ب نيٺ هڪڙي ڏينهن متيءَ جي خوراڪ بڻجي ويندي! پوءِ جڏهن پاڻ ڇهن مهينن کانپوءِ لاڙ جي سفر تي چڙهيا، تڏهن زيارت ڪرائڻ مهل پاڻ هڪ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙو شخص طالب خدا جو هو سو جيئن اڳين طالبن جو دستور هو تہ هيڪلا سفر تي نڪرندا هئا ۽ سڀ کنهن شهر ۾ طالب مولا جي صحبت جا ڳولائو ٿيندا هئا، تيئن هيءُ ب سفر ۾ نڪتو اتي پاڻ فرمايائون تہ اسان جو دستور وري ان جي بر خلاف آهي جو جماعت سميت سفر ڪندا آهيون، پوءِ اهو طالب سفر ڪندي اچي هڪڙي شهر ۾ پهتو، اتي اهلِ دل جي ڳولا ڪيائين پر ڪيس اهڙو شخص ملي نہ سگهيو جنهن سان ويهي صحبت ڪري ، تنهن ڪري اتان نڪري هڪڙي ٻيلي ۾ وڃي پهتو ، جڏهن ٻيلي کي ويجهو ويو تڏهن لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي ذڪر جو آواز ڪن تي پيس هي اندر ٻيلي ۾ گهڙي ويو تہ وري ذڪر جو آواز ٻاهران ٻڌائين ٻاهر اچي ڏسي تہ هڪ پراڻي ڳريل سسي پيئي آهي ۽ انهيءَ مان ئي ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي تنوار پئي اچي ،تڏهن ويجهو وڃي سسيءَ کان ان عجيب احوال بابت پڇا ڪيائين،تڏهن سسيءَ ورندي ڏنس تہ منهنجو ٻيو سمورو جسم ڳري متي ٿي ويو باقي زبان دنيا جي حياتيءَ ۾ گهڻو ذڪر ڪندي هئي تنهن جي برڪت ڪري ڳرڻ کان بچيل ۽ محفوظ ٿيل آهي ،جنهن سان اڃان تائين ذڪر جي مشغولي هلندي اچي پئي،پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جن ماڻهن جو سمورو جسم ذڪر سان مشغول آهي تہ انهن جو سمورو ئي جسم متيءَ ۾ بلڪل نہ ڳرڻو آهي.

نقل 19: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ لکي ٿو تہ هڪڙي ڏينهن خدمت ۾ عرض گذرايم تہ حضرتا! ٻيا مشائخ سڳورا پنهنجي مريدن کي لطيفن جون جدا جدا جايون تلقين فرمائن ٿا۽ سندن رنگ اڇو،ڪارو۽ سائو بيان ڪن ٿا ۽ سائين جن ب مريدن کي تلقين فرمائن تہ بهتر. پاڻ جواب ۾ ڪجهہ نہ فرمايائون ، جنهن ڪري البتہ دل تي بار ٿي پيو، بن ڏينهن کان پوءِ هن عاجز کي ٻاڪر پائي، خوش ٿي، فرمايائون تہ ادا!

اسان وٽ الله سبحانہ وتعاليٰ جي ذات رڳي هڪڙي وڪ آهي.ڀ انهن ٻين مشائخن واريون ٻہ سيئي واٽون اسان وٽ آهن پر اسان جي مرضي آهي تہ انهيءَ هڪ وڪ واري واٽ سان ماڻهو حقيقي مقصود کي پهچن.

نقل 20 : هيڪر پاڻ فرمايائون تہ حضرت بي بي خاتونِ جنت رضي الله عنها،حضور ﷺ جي خدمت اقدس ۾ بي بي عائشہ رضي الله عنها جي وساطت سان عرض گذاريو تہ ڪم ڪار جي زيادتي وجود مبارڪ تي ٿڪ ۽ سستي ڪري ٿي ، ان لاءِ غنيمت مان آيل ٻانهين مان ڪا ٻانهي عطا ڪئي وڃي پاڻ ان وقت فارغ نہ هئا. فراغت بعد حضرت خير النساء رضي الله عنها جي حاويلي مبارڪ ۾ تشريف فرما ٿيا. حضرت بي بي صاحبہ ۽ جناب علي المرتضيٰ رضي الله عنهما هڪ ڪٹ تي وينا هئا ارادو ڪيائون تہ اٿون. پاڻ اٿڻ کان منع فرمايائون ۽ ساڻن گڏ اچي وينا ۽ بي بي صاحبہ کي فرمايائون تہ بابا! هي وظيفو سمهڻ مهل هميشہ پڙهندا رهو تہ. نہ ٿڪ ٿيندو نہ ئي سستي ٿيندي ۽ رزق ٻہ ڪشادگي سان الله تعاليٰ جي طرفان ملندو رهندو .اهو وظيفو هي آهي:

٣٣ڀيرا سبحان الله ٣٣ ڀيرا الحمد لله٣٤ ڀيرا الله اڪبر ۽ هڪ ڀيرو ڪلمو تمجيد جو يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِ وَيُمِيْتُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ.

نقل 21: دلاور فقير قوم چچو نقل ڪري ٿو تہ پاڻ اسان جي ڳوٺ ابراهيم فقيرجي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا پهريائين گهڙي ڪن مسجد شريف ۾ وينا پوءِ دعوت واري جاءِ تي آيا ،اتي منو فقير وينل ڳوٺ ذڪريہ مهيسر جو آيو ۽ هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيائين تہ حضرتا! آئون ڳوٺ بني ڪان اوهان جي پويان روانو ٿيس تہ واٽ تي هڪ مقام هو جنهن ڪان ٻہ ٽي وڪون ڪنيم تہ اندران مقام مان سڏ ٿيو تہ اي خليفا منا ! مون آواز تي نهاري ڏٺو تہ هڪ شخص ارهہ تائين قبر مان ٻاهر نڪتو ٻينو هو، چيومانس تہ مون کي ڇو ٿو سڏين ؟چيائين تہ مون کي ذڪر ڏنيون وڃ مون جواب ڏنومانس تہ تون جيئرو آهين ۽ اهڙي مرتبي هوندي ذڪر کي ڇا ڪندين ؟ چيائين تہ توهان جي مرشد جي ذڪر ڪندڙ جماعت مان جيڪو هت اچي ٿو تنهنجو مرتبو ايڏو وڏو آهي جو مالڪ سائين عزا اسمہ ڪانسواءِ ان کي ڪو ٻہ معلوم نٿو ڪري سگهي تنهن ڪري مونکي ذڪر جي تلقين ڪيو وڃ، مون چيو تہ مون کي تلقين ڪرڻ جي اجازت ڪانہ آهي ، تڏهن چيائين تہ ڀلا حضور اقدس ۾ عرض گذارج تہ مون کي ڪنهن ٻہ طرح پنهنجي مريدن ۾ داخل فرمائن. سو حضرتا! نياپو ڏيڻ منهنجي وس ۾ آهي اڳتي سائين جن جو اختيار .پاڻ فرمايائون تہ اي طالبو! جڏهن اسان جي قسمت انهي رستي سان ٽڪي تہ اسان کي اطلاع ڪجو تہ انهي قبر واري کي ذڪر ڏينداسون پوءِ جڏهن پاڻ خراسان جي سفر کان موٽيا تڏهن مون سندن خدمت ۾ انهي مقام وٽ اها ڳالهہ ياد ڏياري، پاڻ انهي قبر وٽ ويهي ذڪر ڏنائون .

نقل 22 : خليفوصاحبڏنو قوم ٻانيٽ کان منقول آهي تہ آئون ٿر ملڪ ۾ مينهون چاريندو هوس ، هيڪر ٻہ مينهون وٽاڻ تي ڪونہ آيون انهن جي ڳولا لاءِ رات جو نڪتس ،ڳولينديِ جبل ڪوهماڙ کان اچي لنگهيس،اتي هڪ طرف کان ذڪر شريف جو آواز ٻڌم دل ۾ چيم تہ ڪو پير سائين قدس سره جي

مريدن مان ذڪر ڪري ٿو جيڪر وڃي ان سان صحبت ڪيان ،جڏهن اتي پهتس ڏٺم ته هڪ مقبرو آهي جنهن مان ذڪر شريف ’اللّٰه‘ ’اللّٰه‘ جو آواز پيو اچي خيال ڪيم ته هي قبر جبل ۾ کوٽيل آهي،جنهن جي ڪڏ ٿورڙي هوندي اها کوٽي ذڪر واري ميت سان ملاقات ڪيان ، جڏهن قبر کوٽيم ته ذڪر ڪان چپ ٿي ويئي، ڏٺم ته ميت جا هڏا پيا آهن، مان لڃي ٿي وري قبر ٺاهڻ لاءِ تيار ٿيس ته ايتري ۾ ميت جي مٿي مان ’اللّٰه‘ ’اللّٰه‘ جو آواز بلند ٿيو، چتائي ڏٺم ته سندس مٿو اوئين ئي سلامت ۽ جيئرو هو ۽ اکيون پٽيون ڏسي پيو ۽ سندس ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار پاڻي سان آلا هئا. چيو مانس ته تون ڪنهن جو مريد آهين؟چيائين ته مان لائق مريدي جي نه آهيان پر حضرت پير سائين قَدَّسَ اللّٰهُ جن جو سگدر آهيان پوءِ پڇيومانس ته تنهنجا سمورا عضوا ڳري ويا آهن باقي تنهنجو مٿو جيئرو آهي ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ چيائين ته بي ادبي جي پاران. ڇو ته اسان کي مرشد ڪريم فرمايو هو ته زبان سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوندا ڪريو ۽ دل ۾ ان جي معنيٰ ائين سمجهندا ڪريو ته ’اللّٰه سائين عزاسمہ کانسواءِ کا شيءِ کانہ آهي‘ پر مان زبان سان ذڪر ڪندو هوس ۽ دل سان اها معنيٰ حاضر نہ رکندوهوس ، انهيءَ ڪري مٿو منهنجو جيئرو آهي ۽ بت ڳري ويو باقي هڏا وڃي بچيا آهن.

نقل 23 : هڪ ڏينهن پاڻ قَدَّسَ اللّٰهُ ذڪر جي تلاوت وقت مصلي تي وينا هئا، فقير ب سندن خدمت فيض درجت ۾ حاضر هو، مونکي هٿ کان وٺي پنهنجي پاسي ۾ تمام ويجهو ڪري ويهاريائون. ان کان پوءِ صاحبزادو حضرت ميان محمد ياسين شاهقَدَّسَ اللّٰهُ آيا ته فقير صاحبزادي کي جڳهہ ڏئي پاڻ ٿورو پريرو ٿي وينو. پاڻ ذڪر ۾ مشغول هئا ايتري ۾ صاحبزادي ننڍ جي غلبي جي ڪري ڏڪر پئي کاڌا، پاڻ هڪ ٻ ٽي ڀيرا پنهنجي هٿ مبارک سان کيس سجاڳ پئي کيائون، چوٽون ڀيرو اهڙو ته زور وارو کيس چهري تي ٽڪڙ هنيائون جوصاحبزادو سجاڳ ٿي ويهي رهيو.

نصل ٻيون
عملن جي نيتن بابت

نقل 1 : هيڪر پاڻ فرمايائون تہ اڳين طالبن ۾ اهڙو اخلاص ۽ نيت جي سچائي ۽ ويساھ هوندو هو جو انڻ مان بہ الله تعاليٰ جي معرفت حاصل ڪري ونندا هئا(جيئن اڳتي ان بابت بيان ۾ تفصيل اچڻو آهي) ۽ هن زماني جا ماڻهو ويساھ نہ هجڻ ۽ اوليائن سڳورن ۽ ڪامل مرشدن جي بي ادبي ۽ حقن بجا نہ آڻڻ ڪري فيض وارا نہ ٿا ٿين ، بلڪ محروم ۽ بي نصيب رهجي ٿا وڃن ، اهڙن بي ادب ماڻهن جي حق ۾ قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ،

يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ (الاعراف: ۱۹۸)

ترجمو: (اي پيغمبر ڪريم ﷺ!) اهي بي ادب ماڻهو ظاهر ڪري تہ توڏانهن نهارن پيا پر حقيقت ۾ هو توکي بلڪل ڪونہ ٿا ڏسن.

ڇو تہ سندن اندر واري اک ۽ بصيرت گم ٿيل آهي اهڙن ماڻهن جي بي نصيبي جو هي سبب آهي تہ سندن دليون ۽ نيتون صاف نہ هونديون آهن ،حالانڪ الله تبارڪ وتعاليٰ جي نظر ٻانهن جي دلين ۽ نيتن تي آهي ، نہ ظاهري عملن جي مٿان. جيئن تہ ان تي هي حديث شريف بہ شاهد آهي ، جو فرمايو ويو آهي تہ،

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَلَآ اِلٰى اَعْمَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَنِيَّاتِكُمْ

يعني: الله پاڪ اوهان جي صورتن ۽ اوهان جي عملن ڏانهن ڪونہ ٿو نهاري، بلڪ سندس نظر اوهان جي دلين ۽ نيتن جي مٿان آهي. پي هنڌ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو آهي تہ،

نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ

يعني : مومن جي نيت سندس عمل کان زياده موچاري آهي.

نقل 2 : هيڪر پاڻ مسجد شريف ۾ ڪبڙ جي وڻ جي هيٺان قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول هئا ان ڏينهن ڪين عمدو لباس پهريل هو، سني قسم جي ڪيمخواب جو ڪوٽ ۽ مٿي مبارڪ تي پٽ جي لنگي سونا ڪاري چٽن سان ٻڌل هئي ۽ اڳين رات ساري جماعت سميت سندن فاقي ۾ گذري ۽ 'اَلْجُوْعُ طَعَامُ اللّٰهِ 'واري طعام سان جماعت کي سربلندي بخشي ويئي هئي. اتفاقا هڪڙو پناڻ مسافر شخص بہ

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ان رات مسجد شريف ۾ ٽڪيل هو،ويچاري کي ساري رات لنگهڻ ۾ گذري، درگاھ شريف جي کورين جي گهران ٿورو ماني جو ٽڪر مليو هوس پر ان مان ته سندس ڏؤ ڪونہ ٿيو هو پوءِ جڏهن صبح جوحضرت پير سائين قدس سره جن کي اهڙي سني پوشاڪ پهريل ڏٺائين تڏهن ونی دانهون ڪيائين ته حضرت پير صاحب! اهڙو قيمتي لباس پهريو وينا آهيو ۽ هي مسافر ساري رات توهان جي درگاھ تي بک مئو آهي. تڏهن سندس جواب ۾ ارشاد فرمايائون ته ادا! هي پوشاڪ جيڪا ڏسين ٿو سا اسان کي الله تعاليٰ بنا سعي ۽ ڪوشش جي عطا فرمائي آهي، پنهنجي سڌ سان خريد ڪري ڪونہ آيا آهيون، باقي هن پوشاڪ جي پهرڻ ۾ اسان جا ٻہ مقصد آهن،هڪ ته پنهنجي مالڪ سائين جل جلاله جي نعمتن جو اظهار ڪيون ٿا جو خاص پنهنجي پلائي سان اسان کي هي نعمتون عطا فرمايون اٽس ۽ پيو ته ماڻهن کي الله تعاليٰ جي نعمت ۾ رغبت ٿا ڏياريون جو پهريان ساڳئو اسانکي ڏنو هئائون ته مينهون چاريندا هئاسون پوءِ نعمتون ڏسي سندن دل ۾ خدا تعاليٰ جي طلب ۽ سڪ پيدا ٿيندي ، جو چوندا ته ڏسو پير صاحب ٻہ پنهنجي رب کي سجاتو آهي، ته ڪيتريون نہ ڏٺي تعاليٰ جون نعمتون ۽ عطائون ڪيس حاصل ٿيون آهن ، چو نہ اسين ٻہ طلب ڪريون ته انهن نعمتن جا حقدار ٿي پئون.

نقل 3 : هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته هڪ صاحب ڪماليت جو بزرگ موريز ڏانهن هليو ۽ هڪ مريد ٻہ سندس پوئتان ڪونرو ڪنيو ٿي ويو ، پوءِ جڏهن بزرگ موريز ۾ داخل ٿيو تڏهن هڪ مانيءَجو پورو يعني ٽڪر پيل ڏٺائين ،سو ڪٽي ٻاهر آيو ۽ مريد جي هٿ ۾ ڏئي ڪيس هدايت ڪيائين ته ٽڪر جهل ته آئون موريز مان ٿي موٽان،جڏهن بزرگ ويو تڏهن انهيءَ مريد اهو ماني جو ٽڪر کائي ڇڏيو ان بزرگ ضروري حاجت کان فارغ ٿي وضو ڪري ان مريد کان ماني جو ٽڪر گهريو. مريد عرض ڪيو ته يا حضرتا! اهو ماني جو ٽڪر هن مسڪين هن خيال سان کائي ڇڏيو ته موريز مان آندل ٽڪر سائين جن جي کائڻ لائق نہ آهي، تنهن ڪري آئون کائي ڇڏيان. بزرگ فرمايو ته جيتوٽيڪ بنا حڪم جي کائڻ ڪري بي ادبي ڪئي اٽئي پر نيت جي سچائي ڪري تنهنجي پٺ مان ٻہ قطب (الله جا ولي) پيدا ٿيندا .

اي عزيز! انهيءَ مريد ويچاري اهو ماني جو ٽڪر جو سندس مرشد غلاظت جي جاءِ تان آڻي سندس هٿ ۾ ڏنوسو هن رڳو هن خيال جي ڪري کائي ڇڏيو ته منهنجو مرشد اهڙو سادو ٽڪر جو گندگي جي جاءِ مان آيل آهي سو نہ کائي، بلڪ آءٌ کاوان پوءِ اهو سندس ڪم توڙي ڪٽي ظاهر ۾ بي ادبي ۽ مرشد جي نافرماني هئي، پرحقيقت ۾ نيڪ نيتي پاران عين ادب ۽ پوري فرمانبرداري هئي، جيئن ته حديث شريف ۾ ٻہ وارد ٿيل آهي :

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَلَآ اِلٰى اَعْمَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَنِيَّاتِكُمْ.

يعني: الله تبارڪ وتعاليٰ اوهان جي صورتن ۽ ڪمن کي ڪونہ ٿو ڏسي بلڪ اوهان جي دلين ۽ نيتن کي جانچي ٿو.

پوءِ جڏهن اهو مريد نيت جي سچائي سان پنهنجي پير کان اڳ ماني جو ٽڪر کائي ويو تڏهن رحمت الٰهي جو درياھ جوش ۾ آيوءِ۔کيس ٻن قطبن جي پيدا ٿيڻ جي خوشخبري سان سربلندي عطا ڪئي ويئي.

نقل 4 : هيڪر پاڻ فرمايائون ته هن کان اڳ بزرگن سڳورن ۾ سفر ڪرڻ جو دستور هوندو هو پوءِ جنهن شهر ۾ ويندا هئا ته اتي ڪنهن ڪامل شخص جي جاچ ڪري ان سان صحبت ڪندا هئا ۽ انهيءَ کان فيض جي زيادتي جو فائدو پرائيندا هئاءِ جيڪڏهن کو طالب پاڻ کان هيٺ هٿ ايندو هون ته ان کي پنهنجي صحبت سان وس آهر فائدو پهچائيندا هئا ، مطلب ته سندس سفر خالص الله تعاليٰ واسطي هوندو هو يعني فائدو ڏيڻ يا وٺڻ ٻيو کو به نفساني مطلب سندن دل ۾ نه هوندو هو.

نقل 5 : هيڪر نقل بيان فرمايائون ته هڪڙا ٻه پائر هئا جي ٻئي دنيا ۾ آسودا ۽ خوشحال هوندا هئا پوءِ انهن مان هڪڙي شخص پنهنجو مال ملڪيت ترڪ ڪري پنهنجي ماڻي تي ويهي هڪ هنڌ خدا تعاليٰ جي عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول ٿيو، ٻيو سندس پاڻ دنيا جي ڏنڌن ۽ بد ڪمن ۾ گذاريندو هو، انهيءَ حال کي ٻارنهن ورهه اچي گذريا، هڪڙي ڏينهن انهيءَ عابد جي پاڻ کي اچي دل ۾ خيال پيو ته منهنجو پاڻ ٻارنهن ورهه تي ويا اٿس جو عبادت ، زهد ۽ رياضت ۾ مشغول آهي ، مگر حيف صد حيف جو مون اها ساري عمر بد ڪمن ۽ گناهن ۾ گذاري وڃائي ڇڏي، انهيءَ خيال اچڻ شرط هو دل ۾ ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ توبہ تائب ٿي انهيءَ ماڻي ڏي پاڻ سان ملڻ جي ارادي سان اتي هليو ۽ دل ۾ پڪ ڪري هليو ته باقي حياتي پنهنجي پاڻ سان گذجي ويهي الله تعاليٰ جي يادگيري ۾ گذاريندس ،خدا جي قدرت پاڻس عابد جي دل ۾ خيال باطل اچي وينو ته منهنجو پاڻ کهڙي نه عيش عشرت ۾ پيو گذاري ۽ مون هيتري مدت تائين بکن،تکليفن،زهد۽ رياضت ۾ پنهنجي جان ڳاري ڇٽي ڪئي آهي،تنهن ڪري هينئر ماڻي تان لهي ٻٽي ڏينهن وجي پاڻ وٽ عيش عشرت ۽ سک سان گذاريان، اها نيت ڪري ماڻي تان هيٺ لهڻ لڳو اڃا ٻه ٽي ڏاڪا هيٺ لٿو ته اوچتو پير ترڪي ويس ۽ مٿان ٿي ڪريو،اتفاق سان پاڻس ٻه انهيءَ وقت پي چڙهيو ۽ عابد اچي مٿان پيس جنهن ڪري هن کي ٻه ڏکو آيو ۽ ٻئي اچي هيٺ ڪريا ۽ ڪرندي ئي مري ويا مگر عابد نيت بد جي ڪري گنهگار ٿي مئو ۽ دوزخ جي حوالي ڪيو ويوءِ گنهگار پنهنجي چگي ارادي ڪري نيڪ بخت ٿي مئوءِ بهشت حاصل ڪيائين ۽ عذاب کان ڇوٽڪارو مليس.

چوں خيال نيک در وے شد پديد
در زمان فسق اوشد نا پديد
چوں خيال بد اورا در دل گزشت
بندگی ده سال او نابود گشت

يعني: جڏهن انهيءَ گنهگار جي دل ۾ چگو ارادو اچي پيو ته هن جي ساري عمر جا گناه هڪ گهڙي ۾ معاف ٿي ويا ۽ انهيءَ عابد جي د ل ۾ وري بد ارادو آيو ته ڏهن ورهين جي عبادت سندس چٽ ٿي وئي. تڏهن ته حديث شريف ۾ وارد ٿيل آهي ته ،

اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ

يعني: سڀ ڪم نيتن تي بڌل آهن، جهڙي نيت تهڙي مراد.

نقل 6 : خليفو غازي خان نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ نقل فرمايائون ته ڪو بادشاه هو سو پنهنجو ملڪ گهمندي هڪ ڪمند جي پوک وٽان اچي لنگهيو ۽ ڪڙميءَ کي چيائين ته مون کي ڏاڍي اڄ لڳي آهي تنهن ڪري ٽڏو پاڻي آڻي ڏيم ته پيان،ڪڙمي ويچارو بادشاه جي خوشامد لاءِ ڪمند جي چڙي وڍي ۽ ان مان رس ڪڍي هڪ وٽو شربت جو پري آڻي بادشاه کي ڏنائين، بادشاه اهو سمورو معاملو وينو ڏٺو.پوءِ اهو شربت پيتائين ،تڏهن دل ۾ خيال آيس ته هڪڙي ڪمند جي چڙي ۾ هيترو سارو رس آهي جو وٽو پرجي ويو انهيءَ حساب سان هنن ماڻهن جي مٽان ڍل تمام ٿوري رکيل آهي تنهن ڪري مٽن ڍل وڌائڻ کپي ، ان کان پوءِ وري ٻيهر به بادشاه کي پاڻي جي طلب ٿي ۽ ڪڙمي کي شربت لاءِ حڪم ڏنائين، ڪڙمي ويو ۽ ٽي چار چڙيون وڍي اڳينءَ ريت هنن مان رس ڪڍيائين تڏهن به اهو وٽو موچارو سوچارو پريو،جو آڻي بادشاه وٽ حاضر ڪيائين بادشاه اهو حال ڏسي حيران ٿي ويو، ڪڙمي کان پڇيائين ته ڪهڙو سبب آهي جواڳينءَ پيري رڳو هڪ چڙي مان وٽو پرجي ويو هينئر ٽي چار چڙيون نپوڙيئي ته به وٽو نه پريو آهي؟ ڪڙمي جواب ڏنو ته اهو هن سبب ڪري جوسمجهان ٿو ته شايد بادشاه جي نيت ۾ ڪو خلل پيو آهي.

نقل 7 :خليفي ميان بخش علي ٽالپر رحمۃ اللہ علیہ (جو سندن خاص مريدن مان هو) وقتين وقتين غيب جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ جيڪو چوندو هو سو ائين ٿي پوندو هو،هڪ ٻيري مينهن جي موسم ۾ خليفي صاحب جا معتقد ماڻهو وٽس گڏ ٿي آيا ۽ پڇيائونس ته هيل مينهن پوندو يا نه؟ خليفي صاحب جواب ڏنو ته وسندو، پوءِ جڏهن درگاه مبارڪ تي حضرت پير سائين جن قدس سرہ جي خدمت فيض موهبت ۾ حاضر ٿيوتڏهن پنهنجي مٽين ڳالهه بيان ڪيائين ته حضرتا! مون کان ماڻهن پڇيو هو ته هيل مينهن وسندو يا نه ؟مون کين چيو ته وسندو پر منهنجي دل ۾ فڪر اچي پيو آهي ته الائي وسي الائي نه . پاڻ فرمايائون ته جي تنهنجي دل ۾ ڪٽڪو نه پوي ها ته مينهن وسي پوي ها ، هينئر جو تنهنجي دل ۾ترددد (شڪ) پئجي ويوآهي سو تنهنجي ڳالهه جي برخلاف هيل مينهن ڪونه وسندو.

نقل 8 : محراب فقير سنجراڻي، خليفي ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ کان نقل ڪيو ته هڪ وقت جناب خليفو ميان الهرڪيو رحمۃ اللہ علیہ سفر ۾ هو ۽ خليفه لقمان رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته مون کي انهيءَ ديهه وٽان اچي لنگهڻ جو اتفاق ٿيو جنهن ۾ خليفوصاحب لٽل هئا ۽ تڏهن سندن صحبت جو ارادو ڪري لڙي وڃي سندن خدمت ۾ حاضر

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٿياسون،ملاقات کان پوءِ خليفي صاحب فرمايو تہ اي ميان لقمان! اسين تي ڇڻا اوهان کان اڳ لٿل آهيون ۽ ٻہ ڇڻا اوهين بہ ٿيو. اسين پنجئي هن صاحب دعوت تي ڳرا ٿياسون ،جو متان ويچارو بار نہ کٽي سگهي ۽ حضرت پير سائين قدس سرہ جن بہ جڏهن دعوتن تي وڏي جماعت وٺي اسرندا آهن سا ڳالهہ هن فقير جي طبيعت تي ڳوري لڳندي آهي، مگر ان يار کي اسين چئي نہ سگهندا آهيون.خليفي لقمان چيو تہ اسين رڳو صحبت جي خيال سان لڙي ويا هئاسون ، اها ڳالهہ البتہ دل کي ڳوري لڳي ۽ ان وقت ئي موڪلائي درگاهہ شريف تي روانا ٿياسون،جڏهن سائين قدس سرہ جن جي قدمبوسيءَ کان مشرف ٿياسون، تڏهن مٿيون سمورو احوال سندن خدمت ۾ عرض رکيوسون،پاڻ مرکي فرمايائون تہ خليفو صاحب خلق تي شفقت ڪرڻ پاران ائين ٿو چوي، اسين بہ خدا جي خلق جا خيرخواهہ آهيون ۽ چئون ٿا تہ جيڪڏهن ڪو طالب ڪنهن جي دسترخواني تان گرهہ کٽي تہ سندس حق ۾ پلائي جو سبب بڻجي، نکي وري بنا دعوت جي ڪنهن ماڻهو وٽ ويندا آهيون ، جي بنا سڏ ڪنهن وٽ وڃون تہ پوءِ البت اسان ڏانهن حرف آهي.

فصل ٽيون
طلب علم بابت

نقل 1 : پاڻ سڳورن قدس سره فرمايو ته حضرت ميان صاحب قدس سره جن اسان کي ۽ اسان جي ٻين پائرن کي گهٽي دلداري ۽دلجوئي ڏيندي فرمائيندا هئا ته اسين جو اوهان کي ظاهري علم جي پڙهائڻ ۾ ڪوشش ٿا ڪريون سا هن لاءِ نٿا ڪريون ته ڪو انهيءَ ڪري توهان جي خلق ۾ عزت ۽ آبرو وڌي ، نه ڪو وري هن لاءِ ته اوهين قاضي يا وري عالمن جا منصب ۽ عهدا ونو.سڻجو! بلڪ اسان جي ڪوشش رڳو هن مطلب لاءِ آهي ته جيئن اوهين حضور عليه الصلوٰة والسلام جي قولي ۽ فعلي سنتن کان واقف ٿيو ۽ انهيءَ تي استقامت سان عمل ڪريو، ڇو ته ٻنهي جهانن جي مقصدن کي پهچڻ جو اهوئي رستو آهي ۽ بس.

نقل 2 :جناب صاحبزادا ميان محمد شاه ۽ ميان محمد ياسين شاه (قدس الله تعاليٰ اسرارهما) جن ڏاڙي حضرت پير سائين قدس سره جن کان ڪتاب جو سبق پڙهندا هئا ۽ پڙهڻ کان پوءِ ڪتاب اتي جو اتي ويڙهي ڪٽي رکندا هئا، نکو پيرو ڏيندا هئا نکو پڪو ڪندا هئا،هڪڙي ڏينهن پاڻ قرآن شريف جو دور ۽ دلائل الخيرات سڳوري جي تلاوت پئي فرمايائون ۽ صاحبزادا به سبق لاءِ ڪتاب ڪٽي اڳي حاضر ٿيا، جڏهن پاڻ قرآن شريف ۽ دلائل شريف جي دور کان واندا ٿيا تڏهن صاحبزادن کي حڪم فرمايائون ته پنهنجي سبق جو هنڌ ڪوليو ته اڳتي سبق پڙهون، صاحبزادن ته اصلي هڪ پيرو به ڪونه ڏنو هو، جنهن ڪري سبق لهڻ لاءِ پنا پئي اٽلايائون پر هٿ نه آين، نيٺ صاحبزادو ميان محمد شاه رحمة الله عليه پنهنجو سبق ڳولي ويو ، باقي ميان محمد ياسين شاه رحمة الله عليه کي سبق هٿ نه آيو.ان وقت پاڻ نقل بيان فرمايائون ته هڪڙي بروچ جو پٽ ڪنهن ملا وٽ پڙهندو هو پر انهيءَ چوڪري جو دستور هو ته جڏهن به سبق ونڻ ايندو هو تڏهن پنهنجي استاد کي چوندو هو ته 'ملا منهنجو سبق ڪاڻي آهي؟' پوءِ پاڻ گلاب جي گل وانگر ٽڙي ۽ مرڪي صاحبزادن کي فرمايائون ته توهان به انهيءَ بروچ جي پٽ وارو ڪم ڪيو ٿا.

نقل 3 : ڪاشفِ رموزِ ايقان خليفه ميان لقمان رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته هڪڙي پيري لاڙ جي سفر تي پاڻ هن عاجز جي دعوت تي تشريف آندائون ته ايتري ۾ ساداتن ۽ عالمن جي جماعت جي سيد پور جي ڳوٺ جا هئا، جو اهو چاڪر هاله پرڳٽي جو هڪ ڳوٺ آهي، گڏجي حضور جن جي خدمت اقدس ۾ اچي حاضر ٿيا ، پاڻ ان وقت پنهنجي صاحبزادي حضرت خليفة الله سيد صبغت الله شاه گادي ڏٽي قدس سره کي مثنوي شريف جو سبق ٿي ڏنائون ۽ نهايت دل وٽندڙ آواز سان مثنوي شريف پئي پڙهيائون ۽ عجيب عجيب سندس نڪتا ۽ معنائون پنهنجي زبان وحي ترجمان سان ظاهر پئي فرمايائون ته انهيءَ وچ ۾ سيد محمد صديق سيد پوري خدمت سڳوري ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! الله تعاليٰ شال خليفي لقمان کي خضري حياتي ڏي ۽ سلامت رکيس جو سندس طفيلئون سائين جن جي زيارت شريف ۽

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

صحبت لطيف حاصل ٿئي ٿي ۽ هي به ڏاڍو چڱو ڪم ڪيو اٿو جو صاحبزادي کي ننڍي عمر هوندي پاڻ سان گڏ آندو اٿو. ڇو ته انهيءَ ڪري علم حاصل ڪرڻ ۾ مريدن جي ڇاڻ سڃاڻ ۾ ڪين ٿيندي رهندي،پاڻ انهيءَ نامعقول گفتي ٻڌڻ شرط جواب ڏنائون ته اسان صاحبزادي کي مريدن جي ڇاڻ سڃاڻ لاءِ ساڻ ڪونہ ڪنيوآهي، بلڪ رڳو علم پڙهائڻ جي واسطي ساڻ رکيو اٿئون ۽ جيڪا اسان مسافري ۽ ڪيڏانهن ا چ وچ ڪندا آهيون سا به هن طلب لاءِ نہ هوندي آهي ته ڪو مريدن جي تابعداري ڏسي خوش ٿيون ،بلڪ خاص الله تعاليٰ جي حڪم موجب سندس رضامندي لاءِ ۽ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي خوشنودي لاءِ سفر ڪندا آهيون ڇوته اسين سندس امت جا خدمتگار آهيون.

مولاناجلال الدين رومي قدس سره ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي:

هر کسے از ظن خود شد يار من
از درون من نجست اسرار من

يعني: سڀ ڪو شخص رڳو ظاهري اٽڪل ۽ پنهنجي گمان سان منهنجو ساٿي ٿيو، باقي منهنجي اندر جي اسرارن جي ڪنهن به ڳولا ڪانہ ڪئي.

نقل 4 : هيڪر پاڻ فرمايائون پئي ته اسان ظاهري علم جي حاصل ڪرڻ لاءِسفر جي تڪليف پاڻ تي سهي ڪوٺڙي واري مدرسي ۾ حضرت مخدوم ميان يار محمد رحمۃ الله عليه وٽ طلب علم لاءِ وياسون، پر پوءِ مسافري جي تڪليف طبيعت تي ڏاڍي سخت لڳي ، پوءِ هڪڙي رات هڪ پير تي بيهي پنج هزار درود شريف پڙهي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي روح مبارڪ کي نذرانوپيش ڪيوسون ۽ نهايت عاجزيءَ سان حضور ﷺ کان مدد گهري سون ته يارسول الله ﷺ ! سفر جي تڪليف جي ملولائي اسان تان دفع ٿئي ۽ علمن مان به بهرياب ٿيون ، پوءِ صلوات شريف جي پڙهڻ جي برڪت ڪري اهڙي ته قلبي روشنائي حاصل ٿي وئي جو اڻ پڙهيل به پڙهيل جهڙو ٿي پيوسون.

نقل 5 : هيڪر پاڻ فرمايائون ته اوائل ۾ اسان کي حضرت ميان صاحب قدس سره جن ظاهري علمن جي فائدي پرائڻ لاءِ شڪارپور جي شهر ۾ حضرت حاجي فقير الله علوي رحمۃ الله عليه مدرسي ۾ ويهاريو هئائون، اتي اسان کي به وقتي ماني پوڙسان وڏي تعظيم ۽ تڪريم سان ملندي هئي، پوءِ جڏهن پاڻ اتي آيا ۽ ڪين اها خبر پئي ته فرمايائون اي بابا! جنهن مدرسي ۾ طالب علم کي ماني پوڙسان ملندي اتي علم جو حاصل ڪرڻ مشڪل آهي تنهن ڪري هي مدرسو ڇڏي ڪنهن ٻي هنڌ علم جي طلب ڪرڻ ڪپي. پوءِ پاڻ اسان کي اتان وڃي ٻي هنڌ آڻي ويهاريائون.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل چوٿون
شريعت جي اهميت متعلق

نقل 1 : خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن ٻيڦهري مهل درگاهہ شريف تي حضرت پير سائين قدس سرہ جن جي حضور فيض گنجور ۾ وينو هوس تہ ايتري ۾ هڪ ماڻهو مير سهراب خان جو موڪليل ٻين ٻن شخصن سميت خدمت شريف ۾ اچي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! هنن ٻن شخصن جو پاڻ ۾ ڪنهن معاملي تي تنازع ۽ تڪرار آهي، سائين جن مهرباني فرمائي ڏرين جون ڳالهيون ٻڌي شريعت موجب سندن فيصلو قطع ڪري ڇڏين. تڏهن پاڻ انهن مان هڪڙي کي پهريان فرمايائون تہ معاملي جي حقيقت ٻڌاءِ تہ ڪهڙي ريت آهي، هن سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي ، تڏهن وري ٻي کان پڇيائون ان ۾ معاملي جو سمورو احوال عرض رکيو. پاڻ انهن ٻنهي شخصن جي تقرير ٻڌڻ کان پوءِ گهڙي کن ماڻ فرمائي پوئين شخص کان ٻيهر سندس احوال پڇيائون، هن وري ۾ ساڳيو احوال عرض رکيو پاڻ ٽي دفعا ڪنائس پڇيائون ، پر هن ٽئي دفعا ساڳيو مضمون ۽ مطلب ٻڌايو. پاڻ گهڙي کن رکي فرمايائون تہ هينئر اوهين ٻئي ڄڻا وڃو ۽ ستن اٺن ڏينهن کان پوءِ موٽي اچجو تہ توهان جو مقدمو فيصل ڪنداسون، هو هليا ويا ، پوءِپاڻ جماعت ڏي منهن مبارڪ ڪري فرمايائون تہ حق اصل ۾ پوئين شخص جو آهي جو رڳو ڳالهہ ڪرڻ ۾ پنهنجو حق وڃائي رهيو آهي،پهرين شخص جو جيتوڻيڪ حق ڪونہ آهي پر تقرير سڻي ۽ مناسب بيان جي آڌار تي زور سان پوئين شخص کان حق ڪنيو ٿو وڃي، تنهن ڪري اسان ٽي ڀيرا موٽائي پڇيوسونس تہ من ڳالهہ سمجهي پنهنجو حق ونڻي وڃي ، پر هن نہ سمجهيو، لاچار انهيءَ سبب ڪري ڪين ستن اٺن ڏينهن جي مهلت ڏني سون تہ انهيءَ وچ ۾حق جو مالڪ من پاڻ سمجهي پنهنجو حق حاصل ڪري يا وري ڪنهن پڙهيل عالم کان مسئلو پڇي،صحيح پوري تقرير ڪري پنهنجو حق ونڻي وڃي.

نقل 2 : هيڪر پاڻ جيسلمير جي سفر تان موٽندي ٽر ملڪ ۾آيا ۽ وات تي ٻيڦهري جي نماز ادا ڪيائون ان وقت سندن خدمت جو عهدو فقير قادر ڏني جي حوالي هو،پوءِ جڏهن پاڻ نماز لاءِ اٿيا تڏهن فقير قادر ڏني، هڪ اڇي چادر نماز ادا ڪرڻ لاءِ سائين جن کي وڇائي ڏني. جامع ملفوظات چوي ٿو تہ انهن وقتن ۾ هن فقير کي ڪفر حقيقيءَ جي حالت هئي، رڳو هڪ ننڍڙو بوڇڻ ڪلهن تي ۽ سلوار هيٺ هوندي هئي انهن کان سواءِٻيو ڪوبہ ڪپڙو ڪونہ هوندو هو ۽ منهنجو دستور هو تہ اهو بوڇڻ ڪلهن وارو سائين جن جي نماز پڙهڻ مهل سندن مصلي تي وڇائيندو هوس، ان ڏينهن ٻہ انهيءَ ارادي سان تہ پنهنجو بوڇڻ وجي سندن مصلي تي وڇايان آيس تہ ڏٺم تہ سائين جن لاءِ مون کان اڳ هڪ اڇي چادر وڇائي ڇڏي اٺن پوءِ ماڻ ڪري ويهي رهيس پاڻ قدس سرہ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا تڏهن هٿ

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جي اشاري سان قادر ڏني فقير کي فرمايائون ته هي چادر کٹي فقير کي (يعني خليفي محمود رحمۃ اللہ علیہ)کي ڏي ، هن چادر کٹي آٹي مون کي ڏني پر مون نہ ورتي ، ته وري ٻيهر کيس چادر ڏيڻ جو اشارو فرمايائون تڏهن ٻه مون وٹ کان انکارکيو ۽ دل ۾ فکر کيم ته آءٌکو کپڑا ڏکڻ ته کونہ آيو آهيان بلڪ مولا کريم جل جلاله جي طلب لاءِ آيو آهيان انهيءَحالت ۾ مون تي اچي روڄ غلبو کيو ،تڏهن پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان مون عاجز کي چادر وٹ جو حڪم فرمايائون اتي مون کي دل ۾ الهام نازل ٿيو ته هي چادر پرهيزگاري جو لباس آهي جنهن جو نالو آهي اسلام حقيقي جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو آهي ته '' وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ذٰلِكَ خَيْرٌ ''۽ هي اها منزل آهي جا ڪفر حقيقي کان پوءِ سالڪ کي انهيءَ سان سرفرازي عطا ڪئي وڃي ٿي، پوءِ انهيءَ خيال ايندي اها چادر ورتم ۽ ڏکيم.

نقل 3 : هيڪر حديث شريف کان بيان فرمايائون ته هڪ ڏينهن پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم جن زنا جي حد بابت مسئلو بيان ٿي فرمايو ته شريعت موجب زانيءَ تي زنا جي حد تڏهن بيهندي جڏهن چار شاهد معتبر قرآن شريف جو قسم کٹي شاهدي ڏين ته اسان کين اگهاڙو سرائي سرميداٹي ۾ ڏني سون.تنهن تي حضرت سعد رضی اللہ عنہ اصحابي سڳوري عرض کيو ته يا حضرتا!جيڪڏهن ڪو ماٹهو اهڙو بيڙو حال پنهنجي اکين سان ڏسندو ته اهو ٻين شاهدن کي وري اتي کيئن سڏڻ ويندو. تڏهن پاڻ صلی اللہ علیہ وسلم فرمايائون :

''اَلسَّعْدُ غَيُوْرٌ وَّ اَنَا غَيُوْرٌ مِّنَ السَّعْدَ وَاللّٰهُ اَغْيَرُ مِنِّيْ''

يعني: سعد غيرت وارو آهي ۽ اسان کي وڌيڪ غيرت آهي سعد کان، پر الله جل شانہ کي اسان کان ٻه وڌيڪ غيرت آهي .

نقل 4 : هڪ ڀيري پاڻ مسافري ڪندي لاڻي جي ڳوٹ نزول فرمايائون اهوڳوٹ جيسلمير قلعي کان ايرندي طرف تي ٽيهه ڪوهه پري آهي،جيڪو جيسلمير جي هڪ ديهه ۽ جيسلمير جي حد ۽ پوڪرن جي وچ تي آهي،فقير ويچارا گهٹي مسافري ۽ ڏگهي پنڌ ڪري ٽڪجي پائمال ٿي پيا هئا ۽ انهن وقتن ۾ ٻه ٿي ڏينهن گذريا هئا جو سندن حضور ۾ ڪو راڳيندڙ ڪافين وغيره چوڻ لاءِ موجود نہ هو تڏهن اتي پاڻ دعوت واري کي فرمايائون ته جيڪر هت ڪو راڳ چوندڙ شخص هجي ته اسين هوند ان کان ڪجهه ٻڌون، ماٹهن ڳالهه ڪئي ته سائين هتي هڪ لنگهو آهي جو ڏاڍو دل وٹندڙ راڳ ڪندو آهي ۽ سرود جي فن ۾ ڪماليت اٹس پاڻ يڪدم کيس گهرايائون ،لنگهو حاضر ٿيو پاڻ سان گڏ سارنگي ٻه کنيو آيو،پاڻ فرمايائون ته راڳ ٻڌنداسون پر ساز سان نہ. سارنگي رک ۽ ائين بنا ساز جي ڪجهه چئو، لنگهي عرض کيو ته ياحضرتا! ساز کانسواءِ مونکان راڳ نہ هلندو. تڏهن مجلس جي حاضرين ٻه عرض کيو ته سائين ان ۾ فکر نہ آهي، کيس موڪل ملي ته پلي ساز سان راڳ ڪري پاڻ گهڙي کن فکر ڪري پوءِ فرمايائون ته ساز ٻڌڻ غير شرعي ڪم آهي تنهن ڪري نہ ٻڌنداسون ،ڪجهه زبان سان چوندو ته ٻڌنداسون نہ ته بس. تڏهن ان لنگهي هينيان ٻه بيت هڪ هندي ۽ ٻيو سنڌي بنا ساز جي

حضور مبارڪ ۾ چيا.

بيت هندي:

ڪاڊ ڪليجا پيون ڏرون، لي ڪانگا اڏ جاؤ
جس نگري مين ساجن بسي او ديکهي تم کائو

يعني: اي ڪانءَ مان پنهنجو هيانءُ ڪڍي زمين تي رکان، تون اهو ڪٽي جنهن ڳوٺ ۾ منهنجو محبوب رهي ٿو اوڏانهن اڏري وڃ ، پوءِ اتي ويهي تون کاءُ تہ محبوب توکي ڏسي.

بيت سنڌي:

ڪڍي ڪانگا تو ڏيان هينڊو ساڻ هٿن،
وڃي کاءُ ولايت ۾ اڳيان عجيبن،
توکان منَ پڇن، تہ هي قرباني ڪير ٿيو.

نقل5 : محقق بحقائق عرفان خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ جنهن شخص کي توحيد ۾ ڪامل عروج هوندوتہ شريعت ۾ پوري طرح ڪيس استقامت نصيب ٿيندي ۽ جنهن کي شرعي ڪمن ۾ نقصان آهي يعني ان تي پورو عمل نہ آهيس تہ ان جي توحيد جي ڪماليت ۾ بہ نقصان هوندو.

نقل 6 : محمد خان نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري پاڻ ٽنڊي بهادر خان نظاماڻي کان سوار ٿيا ۽ حيدرآباد جي قلعي ڏانهن پي اسريا. اتفاق سان واٽ تي جَون جي پوک آئي،جماعت فقيرن جي انهيءَ پوک مان هلڻ لڳي ، پاڻ حضرت پير سائين قدس سرہ جن پنهنجي گهوڙي جي واڳ مضبوط جهليو پوک جي ٻاهران واٽ سان ٿي لنگهيا ۽ جماعت کي بہ حڪم فرمايائون تہ پوک ۾ ڪير بہ پير نہ وجهي بلڪ سڀ ٻاهران اچو ، شريعت جي ادب کان پاڻ جماعت سميت پوک کان پاسو ڪري لنگهيا .

نقل7 : گل فقير مونگيو وينل ڊوري هنگوري جي آس پاس جو،جيڪا هالہ پر ڳٺي جي هڪ ديهہ ۾ واقع آهي،نقل ڪري ٿو تہ پاڻ حديث شريف کان بيان فرمايائون تہ حضرت نبي صلی اللہ علیہ وسلم فرمايو آهي تہ جيڪو شخص يتيمن جو مال ناحق سان کائيندو تہ ان شخص کي ملائڪ قبر منجهہ دوزخ جي باهہ مان پٽر تپائي واٽ ۾ وجهندس ،جي واٽ کان هيٺ لٿا سندس مقعد کان نڪتا ويندا ۽ ڪيس چوندا تہ هي پاهڻ بہ کاءُ جيئن دنيا ۾ يتيمن جو مال کائيندو هئين .

نقل8 : هيڪر پاڻ وعظ ۾ فرمايائون تہ جنهن شخص وٽ ٻانهو هجي ان تي لازم آهي تہ پنهنجي ٻانهي کي خوراڪ ۽ پوشاڪ پنهنجي اولاد جهڙي ڏيندو رهي ۽ ڪم ڪار سندس پڇندي آهر ڏسيس ، زياده تڪليف ۾ نہ وجهيس ۽ پوءِ هيئن بہ فرمايائون تہ زال جو مثال شيشي وانگر آهي پوءِ پنهنجي زال تي سختي رکڻ جڻ چئو تہ شيشي کي پٽر تي هڻڻ آهي ، تنهن ڪري ساڻس گهٽي سختي نہ رکجي ۽ ديني ڪمن جي سيکارڻ ۾ ساڻس تمام گهٽي ڪوشش ڪجي، پوءِ جيڪڏهن

فرمانبرداري ڪري ٿو نهايت چڱو ۽ دين جي ڪمن ۾ سستي ڪري ٿو ساڻس سمهڙ سهڙ بند رکجي پوءِجي ان مان سکي وئي ٿو چڱو ۽ جي نه سکي ٿو پوءِ کاڏو خوراڪ وغيره ، خرچ پکو تنگيءَ سان ڏجيس ۽ جي ان مان به نه سمجهي ٿو پوءِ طلاق ڏئي ڇڏجيس.

نقل 9 : جامع ملفوظات ﷺ لکي ٿو ته پاڻ درگاهه شريف جي عامي ماڻهن کورين وغيره لاءِ جي نماز تي اچڻ ۾ سستي ڪندا هئا تنهن لاءِ ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيو هئائون جيڪو شخص جماعت سان گڏجي نماز نه پڙهي ته ان کي پنجن لڪڙن هڻڻ جي سزا ڏني وڃي، مقرر ماڻهو حڪم موجب سستي ڪندڙن کي پوري طرح سزا ڏيندا هئا ، ته به وقت تي نماز لاءِ حاضر ٿيڻ مان گهٽن کان قصور پيو ٿيندو هو .پوءِپاڻ نماز تي حاضر نه ٿيڻ واري تي پنج پيسا ڏنڊ رکيائون جو حاضر نه ٿيندڙ کان وٺي پئي ڇڏيائون پر ان سان به ماڻهو نه سکياءِ پيسا به کوڙ گڏ ٿي ويا ، جيئن ته هڪ هڪ ماڻهو جا ست ست اٺ اٺ رپيا گڏ ٿي ويا ، پوءِ پاڻ فرمايائون ته سڀ ڪنهن ماڻهو جا پيسا ڪيس موتائي ڏيو ۽ پاڻ ان بابت حضرت صاحبزادي وڏي يعني جناب خليفة الله صاحبزاده صبغت الله شاه مسند نشين ﷺ کان صلاح پڇيائون ته بابا هينئر ڇا ڪرڻ گهرجي ؟حضرت صاحبزادي ﷺ فرمايو ته سائين جيڪو شخص اڳتي نماز لاءِوقت تي حاضر نه ٿئي ته ان کي وٺي ڪونيءَ ۾ سارو ڏينهن بند ڪري ڇڏجي ته نفساني ڪمن کان جن لاءِ نماز تي حاضر نه ٿو ٿئي جهليل رهي ، تنهن ڪري اهڙي سزا مناسب ٿيندي ، پوءِپاڻ اهو حڪم جاري فرمايائون.

نقل 10 : هيڪر پاڻ فرمايائون پئي ته شريعت وڏي دولت ۽ خدا جي وڏين نعمتن مان هڪ وڏي نعمت آهي.جنهن جي تعريف زبان سان بيان نه ٿي ڪري سگهجي، پر هن زماني جي انڌن صوفين تي عجب ۽ حيرت آهي جو چوندا آهن ته شريعت سنڌو ۽ فرق آهي مثلا جيڪڏهن ڪو ننڍو بي سمجهه ٻار ڪنهن وات سان پيو وڃي ۽ ان رستي ۾ آڏو ڪوهه هجي ۽ ٻيو شخص ان ٻار کي هٿ کان وٺي ڪوهه کان پاسي ڦيرائي وات سان ڪري ڇڏي ته ان کي سنڌو ڪيئن سڏبو،بلڪ سنڌو تڏهن ٿيندو جڏهن اهڙي ٻار کي ڇڏي ڏجي ته پل وڃي ڪوهه ۾ ڪري ،سو شريعت به گمراهن کي وات لائيندڙ آهي سا وري سنڌو ڪيئن ٿيندي .

نقل 11 : حافظ اسماعيل هوت رهندڙ ديهه نظاماڻي گامواڻي فقيرن جي جو، نقل ڪري ٿو ته هڪڙي ڏينهن پاڻ ڪنهن دعوت تي ديهه ملن جي ۾ جا راڻي پور کان اپرندي ۾ آهي تشريف فرمايائون پوءِ وات سان هڪ هنڌان چٽن جي پوک وٽان اچي لنگهيا تڏهن جماعت مان هڪڙي فقير ڪنائنس پڇيو ته حضرتا! مالڪ جي موڪل کان سواءِ ٻنيءَ مان پلي پٽي ڪائڻ جائز آهي يا نه ؟پاڻ فرمايائون ته جيسين منجهس ڏور ڏڳا عام جام بنا روڪ جي ڪائن پيا ۽ مٽس ڪارائو مقرر نه ٿيو هجي جنهن کي پيلاڙو چئبو آهي، تيستائين اتان پلي پٽڻ درست آهي پرجڏهن سندس حفاظت ڪئي وئي ۽ نگهبان مقرر ٿيو ته پوءِاتان پلي پٽي پنهنجي ڪم آڻڻ درست نه ٿيندي مگر موڪل سان .

نقل12: شاربِ رحيقِ ايقان خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو هڪڙي ڏينهن درگاھ مبارڪ تي مسجد شريف ۾ سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر هئاسون تہ پاڻ پيئڻ لاءِ پاڻي گهريائون ، تڏهن هڪڙي فقير مسجد شريف جي دريءَ مان منهنجو ڪونرو ڪٽي اڇي حاضر ڪيو،پاڻ فرمايائونس تہ هي ڪونرو توهان جو آهي؟فقير متئين عرض ڪيو تہ نہ سائين ،پاڻ ان تي جوش ۾ اچي ويا ۽ فرمايائونس تہ پرائو ڪونرو بنا موڪلائڻ جي اسان کي ڪٽي ٿو ڏئين ؟ تڏهن خليفو ٿو چوي تہ مون عرض ڪيو تہ قبلا! اهو ڪونرو منهنجو آهي سائين جن پاڻي پيئن ، پوءِپاڻ ان مان پاڻي پيتائون ۽ مون ان کي تبرڪ طور پاڻ وٽ رکي ڇڏيو.

نقل 13 : ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڳالهہ پئي ڪئي تہ هڪڙي ڏينهن اسين جهل جي ديهہ ۾ (جا گندا واهہ جي ديهن مان هڪ ديهہ آهي) هڪ هندڙ لڏل هئاسون تہ اتي هڪ صوفي فقير آيو ۽ اسان کان پڇيائين تہ سائين حضرت رسول ڪريم ﷺ جن ڪافرن کي ڪهندا هئا؟ اسان کيس جواب ڏنو تہ هائو پاڻ ڪافرن کي ڪهندا هئا، تڏهن وري ٻيهر چوڻ لڳو تہ سائين پڪ ڪافرن کي ڪهندا هئا؟ تڏهن اسان سمجهيو تہ صوفيءَ کي انهيءَ ڳالهہ ۾ شڪ آهي ، اتفاق سان جعفرخان مگسي اتان جو حاڪم ٻہ روبروموجود وينو هو، اسان صوفيءَ کي چيوتہ جعفر خان کان پڇ تہ توهين جو هرٽن، قاڙهن ۽ جهنگلي جانورن جو شڪار ڪرڻ لاءِ جهنگن ۽ برن ۾ وڃي تڪليفون وٺندا آهيو ۽ سختيون ڏسندا آهيو پر انهن کان رڍن جو شڪار جو ڏاڍو سهنجڙو ۽ ويجهڙو ڳوٺ ۾ موجود آهي پوءِ انهن کي چو نہ آسانيءَ سان شڪار ڪندا آهيو ۽ هرٽن وغيره جو شڪار جو ڏاڍو ڏکيو آهي ، تنهن لاءِ چو وڃي ڪشالا ڪيندا آهيو؟ هو غريب تہ خوف کان ڪائنس ڪونہ پڇي سگهيو،نيٺ اسان جعفر خان کان پڇيو تہ اي جعفر خان! توهان هرٽن،قاڙهن ۽جهنگلين جي شڪار لاءِ هيڏيون سختيون ۽ تڪليفون چو وٺندا آهيو ؟ ان کان چو نہ گهيڙن ۽ ٻڪرين جو شڪار ڪريو جو تمام سهنجڙو ۽ بنا تڪليف جي آهي، جعفر خان چيو تہ سائين گهڻا رڍون پرائي ملڪيت آهن،پوءِسندن مالڪ اسان کي ڪٽي ڇڏيندا تہ انهن جو شڪار ڪريون باقي جهنگلي جانور ڪنهن جي ٻہ ملڪيت ۾ ڪو نہ آهن تنهن ڪري انهن جي شڪار کان ڪو ٻہ ڪو نہ جهليندو تڏهن سندن شڪار ڪندا آهيون.پوءِ اسان انهيءَ صوفيءَ کي چيو تہ الله جل شانہ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي:

اَنَّ الْكٰفِرِيْنَ لَا مَوْلٰى لَهُمْ (محمد: ١١)

ترجمو: تحقيق ڪافرن جوڪو مالڪ ڪو نہ آهي.

پوءِجڏهن هو بي ڏڪا ٽيا آهن تڏهن ساڻن جنگ ٻہ درست آهي اتي صوفي ءَ کي يقين آيو ۽ شڪ ويس هليو .

چونکہ لشکر یقین می آید
فوج شک را شکست می آید

يعني: جڏهن يقين جو ڪڪ ڪاهي ٿو اچي لهي ، تڏهن شڪ جي لشڪر کي يڪدم شڪست ٿي اچي وڃي.

نقل14: هڪڙي شخص مُلن جي قوم مان سندن خدمت با برڪت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا!مهري دار دستار جو مهرو مٿي جي ڪهڙي پاسي کان رکجي؟ پاڻ ڪيس جواب ۾ فرمايائون تہ پهريان مهري دار دستار جي ٻڌڻ بابت ڪو قرآن شريف يا حديث شريف مان نص ظاهر ڪري ڏيکاريو تہ پوءِ توهان کي جواب ڏيون.

اي عزيز ! هي بيوقوف نادان اهل ظاهر جا اهل دل ۽ معني وارن سان ناحق مقابلو ڪندا ۽ مهاڏو اٽڪائيندا آهن ، انهن جو مثال انهيءَ بگهڙ وانگر آهي جنهن شينهن آڏو شڪار پئي ورهايو ۽ نيٺ ان جي جزا ۾ لوڙيائين .

نقل 15 :الهداد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري چتي فراش سندن حضورفيض گنجور ۾ عرض گذاريو تہ حضرتا! ماڻهو مماتي وارن جو جنازو قبر ۾ امانت ڪري رکندا آهن ۽ ڪيترن ڏينهن کانپوءِ جنازو اتان کڍندا آهن ۽ گهيٽو کهي ان جي جاءِ تي رکندا آهن اهو گهيٽو کهي قبر ۾ رکڻ درست آهي يا نہ؟پاڻ فرمايائون تہ اول امانت رکڻ جو ثبوت حديث شريف مان اسان کي ڏيکارين تہ پوءِ گهيٽي جو جواب ڏينداسون.

نقل 16 :هڪڙي ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو پي تہ پهرياڻ جي ڳچيءَ جو چاڪ ٽن قسمن جو ٿيندو آهي ، عرب جا ماڻهو سيني کان کندا آهن ۽ بعض هندستان جا ماڻهو ٻنهي ڪلهن کان چاڪ رکندا آهن ۽ سنڌجا ماڻهو گهٽو ڪري سڄي پاسي کان ڳچيءَ جو وڍ کندا آهن ۽ ڪي ماڻهو سامهون سيني کان ٻہ کندا آهن. شيخ عبدالحق دهلوي ﷺ سڄي پاسي کي ترجيح ڏني ۽ زور ونڊايو آهي پوءِپاڻ ٻہ انهيءَ تي فتويٰ ڏنائون تہ پهرياڻ جي ڳچي جو چير سڄي پاسي کان هجڻ کپي ۽ فرمايائون تہ سنڌ جي عورتن جي ٻر خلاف جو اهي چاڪ ڪلهن يا سيني کان ڪنديون آهن، سڄي پاسي تي چاڪ رکڻ لازم آهي .

نقل17:حاجي احمد نوڙهو تالپر نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ نٽي نگر جي سفر تي اسريا، آءٔ سندس خدمت شريف ۾ رڪيب سان گڏ هوس ، پوءِ جڏهن اتان موٽيا تڏهن واٽ تان هڪ واهہ تان اچي لنگهيا جنهن ۾پاڻي پئي وهيو ، آءٔ ۽ ڪي ٻيا فقير سندن گهوڙي جي اڳيان ڊوڙندا پئي آياسون ، انهيءَواهہ مان لنگهڻ وقت سندن گهوڙي جي هلڻ ڪري پاڻيءَجا ڇنڇا اسان جي ڪپڙن تي پئجي ويا، پوءِ جڏهن واهہ مان نڪتاسون تڏهن پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان فقيرن کي فرمايائون تہ اي يارو! اسان کي

معاف ڪجو جو اسان جي گهوڙي جي هلڻ ڪري اوهان تي پاڻي جا ڇنڊا پيا آهن وري پيهر ٻه پاڻ اهي ساڳيا لفظ دهرايائون ،تڏهن ٻين سپني فقيرن جواب ۾ عرض ڪيو تہ قبلا اسان معاف ڪيو ، پر هي ٻانهو مات ۾ هو ، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ ميان احمد!تون مات ڪيو ٿو اڇين معلوم ٿو ٿئي تہ تو اسان کي معاف نہ ڪيو آهي تنهن ڪري جيترا ڇنڊا توتي پيا آهن اوترا اسان کي هٽي ڇڏ.

اي عزيز! الله جل شانہ سندن وجود مبارڪ ۾ عجب نوڙت ۽ڪمال عاجزي رکي هئي جو رڳو پاڻي جا ڇنڊا گهوڙي هلندي مريدن جي مٿان پئجي ويا تہ ان لاءِ ٻہ پاڻ معافي پئي گهرياٸون.

نقل 18 : هيڪر پاڻ مير ڄام ٽالپر جي دعوت تي سندس ٽنڊي ۾ تشريف فرما ٿيا ،ٽالپر مٽين جي ماٽهن شهر جي ماٽهن کان تڏا ونڊي آڻي فقيرن لاءِاتي وڇايا هئا، پوءِ جڏهن نماز جو وقت ٿيو تڏهن فقيرن پاڻ ۾ اچي گفتگو ڇيڙيو ڪي چوڻ لڳا تہ هي تڏا پليت آهن انهن تي نماز پڙهڻ درست نہ آهي ۽ ٻيا پيا چون تہ نہ هي تڏا پاڪ آهن اها ڳالهہ سندن ڪن مبارڪ تي پهتي پاڻ فرمايائون تہ جيستائين هنن تڏن تي ظاهر ظهور پليتي لڳل نظر نہ اچي يا مالڪ تڏن جا اچي نہ چون تہ تڏا پليت آهن تيستائين مٽن نماز پڙهڻ درست آهي.

نقل19: هڪ معتبر راوي کان نقل ٿيل آهي تہ ڪنهن شخص حضرت خليفة الله مسند نشين ﷺ جي حضور پر سرور ۾ عرض ڪيو تہ سائين زڪوات حقدار ماٽهن کي ڏيڻ چڱي يا نيڪ بخت ماٽهن کي، پاڻ فرمايائون تہ جنهن کي وٽئي تنهن کي ڏي ۽ لياقت نہ پڇ تہ الله تعاليٰ جل شانہ توکي اهي نعمتون فرمائيندو جن جو تون لائق نہ هوندين.

نقل20 : خليفي ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ کان نقل ٿيل آهي تہ هيڪر پاڻ جڪيجي جي ديهہ ۾ ڪن فقيرن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا ، اتي دعوت ڪندڙ شخص موريز جي جاءِ هڪ دوست جي پوڪ واريءَ ٻني ۾ جا پرسان هئي تيار ڪرائي هئي،جڏهن ڪين اها سڏ پهتي تڏهن موريز اتان پٽرائي پي هنڌ جاءِ نهرايائون ۽ فرمايائون تہ ٽن جاين تي قضا حاجت ڪرڻ منع آهي هڪ پوڪ واري ٻنيءَ ۾، پيو عام لنگهہ ۽ رستي تي ، ٽيون پاڻي وهندڙ جي ٻڪ سان .

نقل 21 :خميسي فقير ميمڻ وينل ڪور واهہ واقع ديهہ ڪالهي جي کان نقل ٿيل آهي تہ هيڪرپاڻ ڳوٺ هالن ڪنڊي جي کان اچي لنگهيا اتان ڪنهن سائل خيرات لاءِ ڪين سوال ڪيو. پاڻ فرمايائونس تہ ٿوري دير ترس تہ توکي خيرات ڏيون ٿا. ان شخص عرض تہ حضرتا! مان موالي آهيان (يعني بدعتي) مونکي جلد ڏياريو، اها ڳالهہ ٻڌنديئي ڪيس خيرات ڏيڻ کان جواب ڏنائون پوءِ ٻڌي ٻيرا انهيءَ سائل سوال ڪيو پر ڪجهہ نہ ڏياريائونس ۽ اڳتي لانگهائو ٿي ويا.

نقل22 : رمضان فقير سهتو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ ٽنڊي محمد خان ٽالپر جي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، هڪڙي سادات جنهن جو گهر الهندي پاسي کان هو پير سائين جن کي پنهنجي گهر زيارت ڪرائڻ لاءِ عرض ڪيو،پاڻ سندس عرض قبول ڪري ساڻس گڏجي ان جي گهرڏانهن اسريا،جڏهن گهر جي

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

دروازي وٽ پهتا تڏهن سيد چيو تہ حضرتا! مان هتڙي ترسان ٿو سائين جن اندر هلي زيارت ڪرائين پاڻ جواب ۾ فرمايائون جيڪڏهن توهين بہ اسان سان گڏجي هلندؤ تہ اسين اندر ويندا سين نہ تہ اسان اندربہ ڪو نہ ويندا سون. چوتہ شريعت شريف جو حڪم اهڙي طرح آهي .

ڪنهن بزرگ ڪهڙو نہ سهڻو فرمايو آهي .

کسے کو در شریعت راسخ آید
طریقت راہِ خود بروے کشاید
شریعت را مقدم دار اکنوں
طریقت از شریعت نیست بیروں

يعني : جيڪو شخص شريعت ۾ پورو ٿي رهي تہ فقيريءَ جو رستو پاڻهين مٿس کلي پوي ٿو تنهن ڪري شريعت کي اڳ ۾ محڪم رکڻ کپي ڇو تہ فقيري شريعت کان ٻاهر نہ آهي .

نقل23 : هيڪر پاڻ ديهہ سالار واقع هالن ۾ نظاماڻي فقيرن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، نظاماڻي فقيرن کين عرض گذاريو تہ سندن عزيزن جي مقبرن تي دعا فرمائن ، پاڻ سندن عرض قبول فرمائي مقام ڏانهن جو شهيدن جو مقام ڪري سڏبو هو دعا فرمائڻ لاءِ اسريا ۽ پهريائين شهيدن جي مقبرن ڏانهن هلڻ لڳا، فقيرن عرض ڪيو تہ حضرتا! اسان جي عزيزن جا مقبرا هن طرف آهن پاڻ فرمايائون تہ مقام جي صاحب جي زيارت ڪرڻ گهرجي ، پوءِ پاڻ شهيد سڳوري جي مقبري ڏانهن متوجہ ٿي ويناءِ ڪجهہ تلاوت فرمائي هٿ مبارڪ کڻي ختمو ڏنائون پوءِوري ٿوري دير ڪري ٻيهر هٿ مبارڪ کڻي دعا گهريائون جڏهن مقام مان ٻاهر آيا ، تڏهن فقيرن عرض ڪيو تہ حضرتا! ٻن پيرن دعا گهرڻ جو ڪهڙو سبب هو ؟ پاڻ فرمايائون تہ هڪ پيرو ختمو ڏيڻ لاءِهٿ ڪنياسون ۽ ٻيو پيرو مقبره جي برڪتن طفيل دعا گهرڻ لاءِ هٿ ڪنياسون ، جامع ملفوظات ﷺ لکي ٿو تہ مونکي اهل مقبره کان دعا گهرڻ جو اعتقاد نہ هوندو هو سندن هن ڪلام مبارڪ ٻڌڻ کانپوءِسندن توجہ سان حق معلوم ٿي ويو۽ پاڻ فرمايائون تہ اولياءِڪرام جاروحاني درجات جيئن سندن حياتي مبارڪ ۾ آهن تيئن سندن رحلت کانپوءِ بدستور قائم آهن ۽ انهن کان استمداد ڪرڻ گهرجي.

نقل24 :هڪڙي ڏينهن سندن حضور ۾ ڪنهن سائل اچي خيرات لاءِسوال ڪيو،پاڻ ڪيس ۾ پئسا ڏنائون ان سائل عرض ڪيو تہ يا حضرت! آءٌ آفيمي آهيان هڪ ٽڪي مان مون لاءِ ڇا ٽيندو؟ پاڻ انهيءَ تي ڪاوڙيا ۽ انهيءَٽڪي جي ڏيڻ کان بہ بلڪل منع ڪري ڇڏيائون .

نقل25: عبدالله فقير ويڻل ڪورواه ديهہ ڳنهور جيڪا ڪالهي پرڳڻي جي هڪ ديهہ آهي، جو نقل ڪري ٿو تہ احمد خان پٽ جلال خان نظاماڻي ۽ منهنجي پاڻ ۾ سنگت هوندي هئي احمد خان سائين جن جي خاص مريدن مان هو۽ ڪيس فقيراڻن بيٽن ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو ۽ آءٌ سنڌي بيٽن ڳائڻ ۾ ڏاڍو هوشيار هوس، پوءِهڪڙي پيري پاڻ ۾ ويهي صلاح ڪئي سون تہ هڪڙو تنبورو ٺهرائي

ان سان راڳ ڪنداسون، اها ڳالھ پا پختي ارادي سان پڪي ڪئي سون پوءِھڪڙي ڏينھن سائين جن جي حضور پر نور ۾ وينا ھئاسون تہ ھڪڙي فقير فتح محمد شاعر جي طرفان سائين جن کي سلام ڏنائين ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! فتح محمد عرض ڪيو آھي تہ آءٌ درگاھ شريف جو مريد آھيان،ھن ڀانھي کي پنھنجي توجہ مبارڪ کان بھرياب فرمائيندا. فتح محمد شاعر ہ ھو ۽ ھڪ تنبورو ہ ساڻ ھوندو ھوس، جنھن سان راڳ ڪندو ھو . پوءِ پير سائين جن ان فقير کي جواب ۾ فرمايوتہ فتح محمد اسان جومريد نہ آھي،بلڪ تنبوري جو مريد آھي اسان سان سندس ڪو لاڳاپو ڪونھي انھيءَڪلام فيض انجام ٻڌڻ شرط اسان جي دل مان تنبوري ٿھرائڻ جو خيال بلڪل نڪري ويو.

نقل26 : ھڪ ڏينھن سندن خدمت مبارڪ ۾ ہ ٽي ماڻھو آيا ۽ اچي دانھن ڏنائون تہ سائين جن جا فلاڻا مريد جي اسان سان گڏ وينل آھن، سي اسان سان شادين ۾ دھل وڄائڻ تي جھيڙو ٿا ڪن تنھن ڪري سائين جن کين حڪم فرمائن تہ اسان سان جھيڙو نہ ڪن . پاڻ فرمايائون تہ اوھان سان جھيڙو نہ ڪندا ، تڏھن انھن وري عرض ڪيو تہ سائين انھن کي ہ سمجھايو تہ اسان کي دھلن وڄائڻ کان جھلن ہ نہ، پاڻ فرمايائون تہ اسين اوھان سان گناھ ۾ پائيوار ڪونہ ٿيندا سون باقي ھيترو سمجھائيندا سون تہ توھان سان جھيڙو نہ ڪندا.

نقل 27: ھڪڙي ڏينھن ھن عاجز (يعني خليفي محمود ﷺ) سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! تڙسان ماني کائڻ درست آھي يانہ؟پاڻ فرمايائون تہ تڙسان طعام کائڻ چگو نہ آھي پر جڏھن تہ ڪافرن جي رسم آھي تہ تڙ سان اصل ماني نہ کائيندا آھن تنھن ڪري جيڪڏھن سندن مخالفت ڪري تڙ سان ڪوشخص ڪاڏو کائيندو تہ ان ۾پيؤڪونھي.(يعني وضو ڪرڻ بعد)

نقل 28:خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ ھڪ پيري پاڻ وعظ ۾ پئي فرمايائون تہ اولاد جي بد عادتن ۽ نالائقين جو سبب ھيءُ آھي تہ صحبت ڪرڻ مھل عورت پنھنجو خيال مڙس کانسواءِ ٻي طرف ڊورائيندي آھي تنھنڪري اولاد بد اخلاق پيدا ٿئي ٿي. ان ڪري مڙس کي گھرجي تہ پنھنجي زال کي سمجھائي ڇڏي تہ صحبت ڪرڻ ويل خيال ٻي طرف بلڪل نہ ڪري ۽ مڙس پنھنجي زال کي چمي ڏئي تہ چپن تي ڏيڻ کپيس ۽ زال مڙس کي چمي ڏئي تہ ارھ تي ڏئي.

نقل29 : نورمحمد فقير نقل ڪري ٿو تہ جنھن وقت مونکي حالات کان مجذوبي جي جذب (يعني مستي) جي حالت ھوندي ھئي تڏھن پاڻ مون تي نماز جي ادا ڪرڻ لاءِ ڪوشش فرمائيندا ھئا ۽ آءٌ انڪار ڪندو ھوس، انھيءَ وقت پاڻ فرمائيندا ھئا تہ 'اي يار ! ائين ڪرڻ ڪپي جو سپ ہ مري ۽ ليھو ہ نہ ڏھي' پوءِپچيم تہ حضرتا! نانگ ڪھڙو ليھو ڪھڙو؟جواب ۾ فرمايائون تہ سپ مان مراد آھي نفس ۽ ليھي مان مطلب آھي تہ شريعت.

نقل30 :حافظ زين الدين مھيسر ﷺ،جيڪو حضرت ميان صاحب قدس سره جن جي ڪامل مريدن مان ھو، حضرت ميان صاحب قدس سره جن کان نقل ڪيو تہ پاڻ فرمايائون تہ ماڻھن کي ڪپي تہ ٽڪ ڪنھن ہ پاسي

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڏانهن نہ اچلائن بلڪ پنهنجي پيرن جي اڳيان اڇلائڻ گهرجي.خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ اها ڳالهه مون حضرت مرشد مربي پير سائين جن سان ڪئي پاڻ فرمايائون تہ شرعي مسئلو بہ اهڙي طرح آهي.

نقل31: خليفوميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هڪڙي ڏينهن پيرسائين جن قدس سرہ اللہ حديث شريف کان نقل فرمايائون تہ ڪنهن وقت حضرت رسول ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن کان هڪڙي اصحابي سگهوري جي گهر واري مسئلو پڇيو تہ حضرتا! زالن کي بہ ننڍ ۾ رتڙ پوي ٿو يانہ؟ پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو تہ زالن ۾ مڙسن ٻنهي کي ننڍ ۾ رتڙ پوندو آهي ۽ وهنجڻ کپي اتي حضرت بيبي ام سلمہ رضي اللہ عنها جا حضرت رسول ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جو حرم محترم هئي سا بہ حاضر هئي ،اها ڳالهه ٻڌي لڄ کان پنهنجو منهن مبارڪ رئي سان ڪٽي ڏيکيائين. پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم ڪيس فرمايو تہ ڇالاءِ منهن ڏيکيو اٿئي؟ عرض ڪيائين تہ يا حضرت!هن عورت ڪهڙو نہ اگهاڙو سوال پڇيو آهي تنهن کان لڄ آيم،پاڻ فرمايائون تہ شهوت جهڙي طرح مڙسن کي آهي اهڙي طرح زالن کي بہ آهي،انهيءَ ڪري جيڪڏهن شهوت جو غلبو اٽ ۾ گهٽو هوندو تہ تہ ٻچو بہ اٽ جهڙو ڄمندوءِ جي شهوت جو جو غلبو ڏاڇي ۾ آهي تہ ڏاڇي جهڙو پيدا ٿيندو. مطلب تہ شهوت ٻنهي طرفن ۾ آهي پوءِجي مرد جي مني جو غلبو ٿيو تہ ٻار مڙس جي طرف خلقت ۾ ڇڪبوءِ جيڪڏهن عورت جي مني جو غلبو ٿيوتہ ٻار جي خلقت ۾ شڪل ماءُ سان مشابهت رکندي.

نقل32: هڪ لوهر شخص سائين جن جي مريدن مان بيمار ٿي پيو،سندس گهر پير سائين جن جي گهوڙن ٻڌڻ واري ڪڙهه جي پرسان هوندو هو، ڪين جڏهن اها خبر پهتي تڏهن پاڻ ان کان پڇڻ لاءِ اسريا جڏهن ڪيس پڇي موڪليا، تڏهن وات تي پاڻيءَ جي هڪ ڪسيءَ وڌان اڇي لنگهيا جنهن جي پاڻي جو رنگ ظاهري ڪري مٽيل ۽ مٽان سائو پي ڏيکاريو،پاڻ پڪ تي ويهي پاڻي کي چوري ڏنائون تہ هينان پاڻي اڇونڪتو، پوءِاتان وضو ساريائون ۽ فقيرن کي بہ فرمايائون هي پاڻي پاڪ ڪندڙ آهي جنهن کي وضو ڪرڻو هجي تہ ان کي موڪل آهي.

نقل33: هڪ پيري فقيرن حاويلي مبارڪ جي ليپي ڏيڻ لاءِ گارو تيار ڪيو، انهيءَگاري ۾ شهر جا ڪتا اڇي ويهندا هئا پوءِ گاري ڏيڻ مهل انهيءَ کي ڪوڏارين سان گڏيندا ڪٽندا پئي ويا.جامع ملفوظات چوي ٿو تہ آءُ بہ فقيرن سان گڏ گاري ڪٽڻ جي ڪم ۾ مشغول هوس ، جنهن ڪري منهنجا لٽا گاري سان پرجي پيا،پوءِجڏهن ڪم کان واندا ٿياسون تڏهن سندن خدمت شريف ۾ موڪل لاءِ عرض ڪيم تہ ڪپڑا جي پليد ٿي پيا آهن سي ڏوئي اچان، پاڻ فرمايائون تہ هي مٽي پاڪ آهي. مون عرض ڪيو تہ حضرتا! هن گاري ۾ ڪتا اڇي ويهندا ۽ پاڻي پيئندا هئاتڏهن بہ پليت نہ آهي؟ فرمايائون تہ جڏهن پاڻي ۽ مٽي پاڻ ۾ گڏجي رڳي مٽي وجي رهي تڏهن پليتي نڪري وئي.

نقل34: سيد موليڏنو شاهه رهندڙ ٽنڈي مير باگي تالپر جو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ ڪهڙن جي ڳوٺ ۾ قاضي محمد عاقل جي مسجد منجهه لهڻ فرمايو، جڏهن اڳين جي نماز پڙهي فارغ ٿيا، تڏهن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڳالهين ڪندي قاضي صاحب بانگ چوڻ جي پلائي ۾ گفتگو ڪيو ۽ تمام ترجيح ۽ مبالغي سان سندس فضيلت بيان ڪيائين پاڻ فرمايائونس ته اي قاضي! اهو اجر ۽ پلائي انهيءَ شخص لاءِ آهي جو خالص الله تبارڪ وتعاليٰ جي لاءِ بانگ ڏيندو رهي،باقي جيڪو مانيءَجي مزدوري تي بانگون ڏيندو اهو انهن پلاين کان محروم آهي بلڪ اڃان به پاڻ عذاب جو حقدار ٿيندو.

نقل35: هيڪر پاڻ ڪڇ جي سفر ۾ ڳوٺ ويڇ ۾ داؤد فقير جي دائري ۾ اچي لٿا هئا. اها جاءِ شهر جي ايرندي طرف کان قبرستان سان لاڳيتي هئي. پاڻ فقيرن کي حڪم فرمايائون ته ڪجھ پڙھوتہ ھن قبرستان وارن کي ختمو بخشيون.فقيرن عرض ڪيو ته حضرتا! هن مقام ۾ ته خوجن جون به قبرون آهن جن کي سنڌيءَ ۾ 'ٽنڊو' ڪري چوندا آهن پاڻ فرمايائون ته اسان جو ختمو خاص مسلمانن لاءِ آهي نہ ٻين لاءِ، پوءِ پاڻ ختمو ڏنائون.

نقل36: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته هيڪر آءُ درگاھ مبارڪ تي سندن خدمت بابرڪت ۾ حاضر هوس، پاڻ ان وقت ديھ احمد پور ڏانهن تشريف فرماٿيا ۽ هي عاجز به سندن امر موجب خدمت اقدس ۾ شاملِ رڪيب هو. سندن سواري ان وقت صاحبزاده والاتبار ميان محمد حسن شاھ ﷺ جي گھوڙيءَ تي هئي جا نهايت تکي ۽سھنجي هئي،پوءِ جڏھن اتي آيا تڏھن ٽيپھريءَ جو وقت ھو جماعت به اھڙي ڪانہ هئي ،پاڻ نماز جي امامت لاءِ ھن عاجز کي امر فرمايائون،تڏھن مون عرض ڪيو حضرتا! سائين جن جي وجود مسعود ھوندي ھن نابود جي امامت جو ڪھڙو سود؟ پاڻ فرمايائون ته قرڙيءَ جي عذر ڪري اسين امامت نہ ڪرائينداسون، انهيءَ ويل مونکي ڳاڙھي رنگ جو چغو ڳچيءَ ۾ پيل ھو تنھن لاءِ عرض ڪيم ته ان سان نماز درست ٿيندي يا نہ ؟پاڻ فرمايائون ته ڳاڙھي پوشاڪ سان نماز پڙھڻ جائز نہ آهي باقي جيڪڏھن ڪو پٽ جو ڪپڙو جنھن جو رنگ صفا ڳاڙھو نہ هجي، سو وڃائي نماز پڙھجي ته درست آهي،مگر ڳاڙھي رنگ واري ڪپڙي جي مٿان پوءِتوڙي اهو مصلو هجي نماز درست نہ ٿيندي.

نقل37: مير فقير ناهيي کان منقول آهي ته هيڪر پاڻ لاڙ وارن فقيرن جي دعوت تي اسان جي طرف تشريف فرما ٿيا هئا. آءُ به استقبال ۽ زيارت لاءِسندن آڏو ويو هوس ، پاڻ مٿي وساڻ جي ديھ ۾لٽل هئا ۽ وضو سارڻ لاءِ ٻاھر وينا هئا. مون گھٽي سڪ پاران دانهن ڪري پنھنجو منھن وڃي سندن پيرن مبارڪن تي رکيم ،تڏھن پاڻ جوش ۾ اچي فرمايائون ته اي يارو! اسين ڪيترو اوھان کي پيرن تي مٿي رکڻ کان جھليون ٿا ته به اوھين نہ ٿا مڙو، پوءِ مون کي ڪلھن کان وٺي مٿي ڪري پاڪر پاتائون ۽ فرمايائون ته ادا هيڪر ھڪڙي اٽ حضرت سرور ڪائنات پيغمبر ڪريم ﷺ جي پيرن مبارڪن تي سر رکي اچي سجدو ڪيو،تڏھن پاڻ ڪريمن ﷺ اٽ کي نڪ کان وٺي ڪعبي شريف ڏانهن سجدو ڪرايائون،توھان ته انسان ۽ سمجھ ۽ ھوش وارا ماڻھو آھيو، پوءِ جھليل ڪم کان ڇو نہ ٿا پاسو ڪريو.

نقل38: ساڳيو مير فقير ناهيو نقل ڪري ٿو ته هيڪر روزن جي مهيني ۾ پاڻ لاڙ ڏانهن تشريف فرما

ٿيا هئا، مون کي دل ۾ خيال هو ته علماءَ تازي ڏنڈ ڏيڻ کان منع ڪندا آهن،تنهن ڪري ان جي تحقيق لاءِ تازو ڏنڈ سندن خدمت مبارڪ ۾ نڏرانو رکندس پوءِجيڪڏهن پاڻ استعمال فرمايائون ته مريدن لاءِ اها وڏي سَنَد ٿي پوندي ۽ وڌيڪ ڪنهن عالم سان قيل مقال جي ضرورت نه رهندي. اهو خيال ڪري هڪڙا ٻه ڏنڈ ڪٻڙ جا ناهي سندن خدمت مبارڪ ۾ اڇي رکيم،پاڻ اتان هڪڙو ڏنڈ ڪٽي سندس کل کي ڏندن سان لاهي ڇڏيائون ۽ ڏنڈ جي ڪاني ڇباڙي ڏنڈ ڏنائون. انهيءَ صورت جي ڏسڻ سان دل کي تسلي حاصل ٿي ويئي ته روزي سان رڳو کل ڇباڙڻ جي منع آهي باقي تازي ڏنڈ ڏيڻ جي ڪا جهل نه آهي.

نقل39: ميڊنو فقير پليجو وينل نصرپور جي طرف جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ هڪ نقل بيان فرمايائون ته ڪو لوهر هو، تنهن جي پاڙي ۾ هڪ عورت نهايت خوبصورت هئي ۽ مٽس عاشق هو ۽ گهٽو ئي ان کي وس ۾ آڻڻ لاءِ حيلا بهانا ڪندو هو. مگر اها نيڪ بخت عورت ڪيس نه ليڪيندي هئي، اتفاقا انهي عورت کي زماني جي ڦيري سان سختي ۽ ويل پئجي وئي،سندس ٻار ٻچا بک مرڻ لڳا۽ انهيءَ لوهر کي روز بروز ترقي ٿيندي پئي وئي يعني شاهوڪار ٿيندو پي ويو،نيٺ جڏهن سندس ٻارن جو بک ۾تمام هيٺوحال ٿي پيو،تڏهن عورت جي مڙس کيس چيو ته انهيءَ لوهر وٽ وڃ ۽ اڏاري طرح ڪجهه وٺي اچ ته ٻار ٻچا توڙي پاڻ پنهنجو بچاءُ ڪيون، تڏهن هو لوهر وٽ هلي وئي ۽ پيٽ قوت لاءِ سوال ڪيائينس ، لوهر جواب ڏنس ته جي اسان جي دل جو خيال پورو ڪرين ته پوءِجيڪي گهرجئي سو ڏيانءِ نه ته تنهنجي مرضي ويچاري عورت اهو نامناسب جواب ٻڌي پنهنجو ڪم الله تعاليٰ تي رکي پنهنجي گهر موٽي وئي، پر بک ڪٽي ويهڻ ڏي ، لاچار پي ڏينهن ٻه وري اچي لوهر کي ايلاز ڪيائين ۽ ساڳيو جواب ٻڌي ناميد ٿي موٽي آئي، ٽئين ڏينهن ٻه سندس مڙس کيس لوهر ڏي وڃڻ لاءِ چيو ته من ڪجهه کاڏو ڏيئي ته ٻار بچي پون.پوءِتڏهن عورت لوهر جي سڃي ڳالهه ڪري ٻڌايس ۽ چيائينس ته اسانجي سجائي کان اڳ ئي سندس دل ۾ فاسد خيال وينل هئا،هينئر جيڪڏهن ان جي بيڙي مطلب جي پورائي ڪنديس ته پوءِالبت ڪجهه ڏيندونه ته جواب ٿو ڏئي، مڙس بي همت پنهنجي هٿان پورائي نه ڏسي ان اشراف زال کي موڪل ڏنائين ته وڃي سندس مطلب پورو ڪرۍ بکين ٻارن لاءِ ڪجهه وٺي اچ، ويچاري غريب عورت ان لوهر وٽ آئي ۽ کيس پنهنجي ارادي پوري ڪرڻ جي موڪل ڏنائين. لوهر جڏهن سندس ويجهو آيوتڏهن اها عورت سڃي جنبش ۾ اچي وئي۽بيد جي ٽاري ونگر ڏڪڻ لڳي لوهر پڇيس ڇو ٿي ڏڪين،آخر مان ٻه تنهنجي مڙس جهڙو مرد ماڻهو آهيان ، عورت جواب ڏنو ته اي لوهر! هن وقت اهڙي بي پردگي ۽ بي حيائي کان سخت لڄ ۽ شرم ٿو اچيم، تنهن ڪري لڳن کي سيءُ وٺيو ٿو وڃي، لوهر اها ڳالهه ٻڌنديئي بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو ۽ گهٽي وقت کان پوءِجڏهن هوش ۾ آيوتڏهن ان زال کي چيائين ته اي نيڪ بخت عورت! شابس هجي تنهنجي سچائي ۽ پاڪدامني کي ، آءُتنهنجي تقويٰ ۽ پرهيزگاري سبب الله تبارڪ وتعاليٰ سان واصل ٿي ويس، هينئر تون منهنجي ماءُ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آهين ۽ منهنجي هي سڀ ملڪيت تنهنجي ملڪ آهي جيڪي توکي گهرجي سو ڪٽي وڃ،عورت پنهنجي ضرورت آهر لوهر کان ڪاڏو وغيره وڻي هڏ ڪيو. پچاڙي ۾ لوهر چيس ته اي امان! منهنجي حق ۾ ڏٽي ڪارڙ دعا گهر! تڏهن ان خدا رسيده عورت کيس دعا ڪئي ته يا رب تعاليٰ جيئن هن لوهر تنهنجي خوف کان ڊڄي مٺائي کان منهن موڙيو آهي شهوت جي باهه کي وسايو اٽس تهڙي طرح تون به مٽس ٻنهي جهانن ۾ باهه جي تڪائي معاف ڪري ڇڏ. الله تبارڪ وتعاليٰ جي قدرت سان ان مائي جي دعا قبول پئي۽ لوهر تي اهڙي مهرباني ۽ آساني ٿي پئي جو باهه ۾ هڏ وجهندو هوته نه سڙندو هو. لوهه کي تپائي هڏن سان باهه مان ڪڍي اوزار جوڙيندو هوته به ان کي ذري جيترو به ايذاءُ ڪونه ٿيندو هو.

اي عزيز! هي مڙئي پرهيزگاري ۽ الله تعاليٰ جي خوف جون پلايون آهن.

جهڙي طرح الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو:

اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّيُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ (الانفال:۲۹)

ترجمو: جيڪڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ جو ڊپ رکندؤته الله تعاليٰ اوهان لاءِ (حق باطل جي تميز لاءِ) سنڊو ۽ دليل پيدا ڪندو ۽ اوهان جا گناه ميٽيندو.

۽ ٻي هنڌ آهي ته :

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ (الرحمٰن: ۴۶)

ترجمو: الله تبارڪ وتعاليٰ کان ڊڄندڙ شخص لاءِ بهشت ۾ ٻه عمدا باغ تيار ٿيل آهن.(جي کيس قيامت ڏينهن ملندا.)

۽ فرمايل آهي ته :

اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ (الحجرات: ۱۳)

ترجمو: الله سائين وٽ وڏي عزت وارو شخص اهو آهي جو زور پرهيزگار آهي،

شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ سچ فرمايو آهي ته:

ز تقویٰ چراغِ عمل برفروز
کہ چوں نیک بختاں شوی نیک روز

يعني پرهيزگاري سان عملن جو ڏيئو ٻاري هل ته نيڪ بختن جهڙو نصيب وارو ٿي پوندين.

نقل40: خليفو اميد علي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته اهل ظاهر جا شريعت ،طريقت، حقيقت ۽ معرفت جو مثال هن طرح ڏيندا آهن ته 'شريعت' سٽڻ جي مثال آهي ۽ 'طريقت' پيراهڻ جي مثال ،'حقيت' چادر جهڙي ۽ 'معرفت' دستار جي طرح سمجهڻ گهرجي ۽ پوءِ پاڻ فرمايائون ته اسان جو مذهب ۽ طريقو هي آهي جو شريعت جنهن کي اهل ظاهر جا سٽڻ ٿا سمجهڻ اها اسان لاءِ دستار۽ مٿي جو چٽ آهي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

شریعت را مقدم دار اکنون
طریقت از شریعت نیست بیرون
کسے کو در شریعت راسخ آید
حقیقت روئی بروئے خود کشاید

يعني: هينئر شريعت جو لحاظ اول رکڻ کپي ڇوتہ فقيري ۾ شريعت کان ٻاهر کاڻہ آهي، جيڪو شخص شريعت تي پورو ايندو تہ حَيقت پاڻهئي مٿس کلي پوندي.

نقل41: خليفو اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر برهان فقير جي مريدن مان هڪڙو شخص سندن خدمت مبارڪ ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! هن جهان جا سمورا اجزاء سائين جن جي حڪم هيٺ فرمانبردار آهن، پوءِ ڇونہ ٿا ماڻهن کي حڪم فرمايو تہ ڪلمو شريف لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ اَحَمَّدٌ مُّحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ڪري پڙهن ، پاڻ جواب ۾ فرمايائونس تہ اهي ٻئي اسم اسان جي اکين جا نار آهن ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ڪو بہ سنڈو نہ آهي نہ وري سندن هڪ هجڻ ۾ ڪو شڪ شبهو آهي، جيڪڏهن توهان کي شڪ آهي تہ پاڻ ڄاڻو.

نقل42 : يعقوب فقير ڏيڻو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ٻہ ڪم آهن جي حقيقت ۾ مسلمانن جي خاص عادتن مان آهن ،مگر هينئر مسلمانن انهن کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ هن وقت جي ڪافرن جو ان تي عمل آهي، هڪ تہ ننڍي ڄمار ۾ نياڻين کي اڌارڻ ۽ ٻيو گوڏ سان وهنجڻ . مسلمانن کي کپي تہ انهن ٻنهي ڪمن تي محڪم ٿين.

نقل43:خليفو لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ ۽ حضرت شاه صاحب رحمۃ اللہ علیہ (يعني حضرت پير سائين قدس سرہ جن جو ننڍو ڀاءُ) فقيرن جي جماعت سميت موٽو هندو جي اسلام جي معاملي لاءِ حيدرآباد ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، مير فتح علي جو ان وقت سنڌ جو حاڪم هو،موٽو هندو جي موٽائڻ ۾ عذر معذورڪري نٽائڻ لڳوتہ اسان جا کي حساب ليکو چوڪو ساڻس آهي تنهن ڪري بازو موٽائي نہ ڏيندا سون، انهيءَڪري شاه صاحب رحمۃ اللہ علیہ ۽ فقيرن جي جماعت ۾ ڏاڍو جوش ٻڌجي ويو، بلڪ ڪن ارادو ڪيو تہ ڪرامت ڏيکاري وڃي، پاڻ فرمايائون تہ اي يارو! اسان جو مطلب سيني ڪمن مان دين جو حاصل ڪرڻ آهي۽ هن اسلامي معاملي ۾ اسان جي مٿان حق رڳو حق ٻڌائڻ ۽ ٻهچائڻ آهي سو اسان ادا ڪري چڪا آهيون .وَمَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ

باقي هن کان وڌيڪ قيل مقال ۽ ڇڪتاڻ ڪنداسون، سا نفسانيت ٿي پوندي ۽ اهڙي نفسانيت ۾ اوهان سان شامل نہ ٿيندا سون تنهن ڪانسواءِ هڪ گمان گاڏوين هندو جي اسلام لاءِتہ الائي مسلمان ٿئي الائي نہ ٿئي،جيڪي پيڙهين کان وٺي ڪري اسلام ۾ رهندا آيا آهن (يعني ميمن) تن کي پٺڻ بد دعا ڪرڻ سان اسلام جي زيادتي نہ ٿيندي بلڪ نقصان ٿيندو. پوءِ نفسانيت ۽ دين جي نقصان ۾ اسان جو

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اوهان سان اتفاق ڪونهي، اها ڳالهه ٻڌي حضرت شاهه صاحب جن رنج ٿي پوئتي موٽي آيا.

نقل44: الهداد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته پاڻ جيڪڏهن ڪنهن شخص کي نماز پڙهندي وار پٽڪي يا ٽوپي ۾ بند ٽيل ڏسندا هئا ته پنهنجي هٿ مبارڪ سان ٽوپي مان سندس وار ڪڍي ڇڏيندا هئا.

نقل45: صاحبزادو ميان محمد شاهه رحمۃ اللہ علیہ جو سائين جن جو فرزند هو، نقل ڪري ٿو ته پاڻ فرمايائون ته هيڪر حضرت امام حسن رضی اللہ عنہ نماز پي پڙهي ۽ سندس وار مبارڪ مٿي ٽيل يعني ٽوپي ۾ پيل هئا، هڪڙي اصحابي سڳوري کين ڏٺو ته وار مبارڪ مٿي ڪيون ٿا نماز پڙهن، تنهن ڪري ان اصحابي سڳوري،امام صاحب رضی اللہ عنہ جي ٽوپي مبارڪ کي مٿيرو ڪري سندن وار چوڙي ڇڏيا جڏهن امام صاحب نماز کان واندا ٿيا، تڏهن اصحابي سڳوري کان پڇيائون ته ائين ڇو ڪيئي؟ ان جواب ڏنو ته حضرت پيغمبر ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جي متابعت لاءِ.

نقل46: خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته منهنجي چاچي مرحوم حاجي مراد وفات ڪئي ۽ پوئتان ننڍڙا ٻار ۽ پنهنجي گهر واري ڇڏي ويو، ڪيس ملڪيت گهٽي هئي ، مگر اسان جي چاچيءَ ملڪيت کي ورهائي جدا نه ڪرايو ۽ صغيرن جو مال سندس حصي سان گڏيل هو اسان چوندا هئاسونس ته جواب ڏيندي هئي ته منهنجو حصو گهٽو آهي، ٻارن کي مان پاڻهي ڏيندیس. هيڪر عرس جي خيرات ڪيائين ۽ مونکي پڻ دعوت ڏنائين پر مون چوائي موڪليس ته ٻارن جو حصو جدا ڪري پنهنجي حصي مان خيرات عرس شريف جي ڪرڻ پوءِ تنهنجي دعوت ونڻان ،مگر هوءَاسان جو چوڻ نه ڪندي هئي، نيٺ هيڪرحضرت پير سائين جن قدس سرہ منهنجي دعوت تي تشريف فرماٿيا هئا،پوءِ زيارت ڪرائڻ لاءِ حاويلي ڏانهن اسريا،ته اتي اسان جي چاچي به موجود هئي ،تڏهن مون سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! منهنجو چاچو حاجي مراد وصال ڪري ويو آهي ۽ پوئتان ٻار ننڍڙا ڇڏيا اٿس ۽ ملڪيت به گهٽي ڇڏي ويو آهي، اسان جي چاچي مال جي تقسيم ڪرڻ کان سواءِ عرس جي خيرات ڪري ٿي،پوءِاسين سندس دعوت نه ٿا ونون ته اسان تي رنج ٿي ٿئي،تڏهن پاڻ منهنجي چاچيءَ کي فرمايائون ته خليفو چگو ٿو چوي،ٻارن جو حصو جدا ڪرڻ گهرجي،بلڪ ائين ڪيو جو جيڪڏهن سندن ڪاڏي پيتي مان ڪجهه بچي پوي ته سندن اوبر پاڻ ڪائي ڇڏيو ۽ اوترو ان حصي ۾ داخل ڪري ڇڏيو. اها ڳالهه چاچيءَ کي نه وٽي ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! ڇا سائين جن جا مريد ياڃڻ وارن ڏينهن ۾ ماٺهن جا اَن ،چانور ڪمند ۽ منايون ڪونه اڇي ڪائيندا آهن؟ پاڻ به ان ئي جوش ۾ آيا ۽ فرمايائون ته هو الله تبارڪ وتعاليٰ جو ذڪر ڪندا آهن،جنهن ڪري سندن گناه الله تبارڪ وتعاليٰ ميٽي ڇڏيندو، اسين تو کي شريعت جو حق ڪري ٿا چئون جيڪڏهن قبول نه ٿي ڪرين ته پاڻ ڄاڻ، پاڻ هٿ مبارڪ به جوش کان چنڊيائون ۽ اهي لفظ به فرمايائون .

نقل47: خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پنهنجي ڳوٺ ديهه ڪڙيي ۾ رهيل هوس ته خبر پهتي ته پاڻ لاڙ جي سفر جي ارادي سان درگاهه مبارڪ کان هن طرف روانا ٿيا آهن. تڏهن سندن

استقبال ۾ قدم بوسي لاءِ آءُ ڳوٺان سنبري نڪتس ۽ واٽ تي نماز سفري يعني چو رڪعتي فرض ٻه رڪعتون پڙهندو ويس،تانتہ شهدادپور جي پرڳڻي ۾ آءُ سندس زيارت کان مشرف ٿيس ۽ نماز سفر جي مسئلي بابت ڪنان پڇا ڪيم؟ پاڻ فرمايائون تہ توتي سفر ڪونہ آهي چو تہ تنهنجو سفر جو ارادو ڪو مقرر پندڙ لاءِ ڪو نہ هو بلڪ رڳو اسان جي ملاقات لاءِ نڪتو آهين، پوءِ ويجهي پنڌ ۾ ٿئي توڙي پري پنڌ تي ، تنهن ڪري جيڪا واٽ تي نماز پڙهي هجيئي سا موٽائي قضا ڪر.

نقل48: خليفو اميد علي نقل ڪري ٿو تہ فقير خالقڏني وساڻ ڪٽڪ جي پوڪ هارپي تي ڪئي هئي تنهن مان ڪجھ چوري ڇپي ان ڪٽي استعمال ۾ آندائين ،پوءِ جڏهن درگاھ مبارڪ تي آيو تڏهن خليفي محمد ناهيي حضور پاڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! خالقڏنو فقير ڪٽڪ پوڪيندو آهي پر اتان چوري ٻه ڪندو آهي، پاڻ فرمايائون تہ انهيءَ پوڪ جي چوري کان ڪنهن بادشاھ جي گهر کي ڪاٽ هٽين ها تہ اهو چگو هو، چوتہ بادشاھ جو ڊپ تہ دل ۾ ٿئيس ها.

اي عزيز! اهي لفظ رڳو ان فقير جي تنبيھ جهٽڪ لاءِ فرمايا اٿن چوتہ هن انهي گناھ کي گناھ ڪو نہ ٿي سمجهيو ۽ ڀؤ نٿي ڪيائين،حالانڪ جيڪو شخص صغيري گناھ کي گناھ ڪري نہ ٿو سمجهي تہ اهو شخص ڪبيري گناھ جي عذاب ۾ گرفتار ٿيندو ۽ جيڪو ڪبيرو گناھ ڪبيرو ڪري نہ ٿو سمجهي تہ اهو ڪافر ٿي پوي ٿو. نعوذباالله عنها.

نقل49: خيفو ميان لقمان ﷺ ناقل آهي تہ سندن دستور هو تہ جيڪڏهن لب مبارڪ (ٽڪ) اچلائڻ واري ٽانوَ ۾ اچلائيندا هئاتہ ان ٽانو کي لوڏي ٽڪ مبارڪ متيءَسان پوري چڏيندا هئا ۽وري اها ٽوڪي جي متي دفن ڪئي ويندي هئي. پاڻ فرمائيندا هئا تہ جيڪا بہ شيءَ ماڻهو جي بت کان جدا ٿئي جيئن تہ وار يا ننهن جو ذرو يا سنگهہ يا ٽڪ سپ ميت جي حڪم منجھ آهن انهن کي پوري چڏڻ ڪپي.

نقل50: ناقل خليفو ميان لقمان ﷺ تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ڪندي نظاماٽي فقيرن جي دعوتن تي ٽنڊي بهادر خان نظاماٽي ۾ نزول فيض شمول فرمايائون ، سومهياٽي جي نماز پڙهڻ ڪانپوءِ خليفي سلطان فقير نظاماٽي پنهنجي حاويلي ۾ زيارت ڪرائڻ لاءِ عرض ڪيو،پاڻ جوش ۾اچي فرمايائون تہ نہ هلنداسون. فقير حيرت ۾ پئجي ويو، الائي چو رنجش ٿي آهي. پوءِ پاڻ فرمايائونس تہ توهان تابوت ناهيندا آهيو،فقير عرض ڪيوتہ حضرتا! اهو ڪم اسان جي ابن ڏاڏن مان ڪنهن بہ ڪونہ ڪيو آهي، خصوصا اسان تہ سائين جن جا مريد آهيون سو تابوت وري ڪيئن ناهيندا سون؟ پاڻ فرمايائون تہ اسان اڄ دهلڙين جو آواز ٻڌو هو. تڏهن خدا بخش فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! هت تابوت ڪوبہ ڪونہ ناهيندو آهي پر ٻارن ننڍڙيون دهلڙيون ٺهرايون آهن اهي وڄايون هوندائون ۽ قسم کٽي چيائين تہ اهي آءُ هينئر سان ئي وڃي ڇڃان ٿو،پوءِپاڻ خليفي سلطان سان گڏجي فقيرن جي حاويلين ۾ زيارت ڪرايائون ۽ فرمايائون تہ شابس هجيو، شرعي جهليل ڪم جي ويجهو اصل نہ وڃڻ ڪپي.

نقل51: ناقل خليفو ميان لقمان ﷺ تہ هڪڙي ڏينهن پاڻ فرمايائون پئي تہ فقہ ۾ مسئلو آهي تہ

جيڪڏهن جمعي يا عيد نماز ۾ امام کي سهو پئجي وئي تہ کيس سجدو سهو جو نہ ڏيڻ گهرجي ، متان جماعت ۾ خلل پئجي وڃي . پوءِ پاڻ فرمايائون تہ انهيءَ مسئلي موجب اسان کي بہ هوند سهو نہ ڏيڻ گهرجي ڇو تہ سڀني وقتن تي اسان وٽ ٻين جي جمعي کان وڌيڪ جماعت موجود هوندي آهي، پر جيڪڏهن سهو نہ ڏيندا سون تہ ويچارا ملان خرابي ۾ پوندا ۽ چوندا تہ پير سهو اصلي کڏي ڏني کئي آهي.

نقل 52: دريا خان فقير ٽالپر نقل کري ٻڌايو تہ منهنجون نياڻيون اڇي قابل ٿيون هيون تنهن لاءِ مائٽن مٽن بہ البت چڪيو پي مون دل ۾ ارادو کيو تہ سگهَا بندي جو ڏيڻ ونڻ سڀ حضرت مرشد کريم ﷺ جي فرمودي موجب ڪندس ۽ پنهنجي مرضي موجب ڪونہ ڪندس، پوءِ هڪڙي ڏينهن پنهنجي اها دل جي ڳالهہ سندن حضور مبارڪ ۾ ظاهر ڪيم، پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ادا! اسين ماڻهن کي ايمان ڏيڻ آيا آهيون باقي ايمان کسڻ ڪونہ آيا آهيون. اسين جيڪڏهن اوهان کي هڪڙي هنڌ ڇڏون ۽ اوهان جي مرضي پي هنڌ هجي، پر جي اوهان جي مرضي بہ اتي هجي وري اوهان جي اهلين جي مرضي نہ هجي تہ پوءِ دل جي گراني اوهان جي حق ۾ ڇڪي ڪانہ ٿيندي ، تنهن کري سگهَا بندي جا ڪم پنهنجي مرضي سان کري ڇڏيو.

نقل53: بدل هندو درگاهہ مبارڪ جي ديهہ جو رهندڙ ڳالهہ کري ٻڌايو تہ آءٌ سائين جن جو مودي هوس، هيڪر سندن خدمت ۾ ڪٽان سادا ٿي سو رپيہ نذراني جا آيا، پوءِ مونکي گهرائي اهي پئسا ڪنڌي بابت حوالي ڪيائون ۽ فرمايائون تہ انهن پئسن مان ڏهين پتي جي پنجٽيهہ رپيہ ٿيندا سي جدا کري اسان جي امانت رکي ڇڏ، تڏهن بدل ٻڌو چوي تہ مون اهي پئسا ڪٽي پنجٽيهہ رپيہ جدا ڪيم ۽ هن نيت سان اهي پئسا بہ جيڪر ڪنڌي ۾ مون کي ڪٽي ڏين.سندن خدمت ۾ عرض ڪيم تہ سائين اهي پئسا ڪنهن کي ڏيان؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ اهي پئسا الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خيرات ڏيندا سون، ڇوتہ ماڻهو ويچارا جڏهن ٻنيون آباد ٿا ڪن ۽ ڏاڍيون محنتون ۽ ڪشالا ٿا ڪڍن تڏهن ڪين رزق ٻڌو ملي. پر اسان کي الله تبارڪ وتعاليٰ بنا ڪسب ۽ تڪليف جي گذران لاءِ ڪشادو رزق پهچائي ٻڌو ڏئي، تنهن کري اسين بہ ڏهون حصو الله تعاليٰ جي نالي تي خيرات ڪڍي ڏيندا آهيون، پر ڇهن پنجن رپين تان عشر ڪونہ ڪڍندا آهيون.

نقل54: جيئرو فقير نقل کري ٻڌايو تہ هيڪر آءٌ سفر ۾ هم رڪاب هوس، اتي ٻيڻهري جو وقت ٿيو، هڪڙي فقير بانگ ڏني، پر آهستي ڏنائين، پاڻ وري اتي بيهي بلند آواز سان بانگ ڏنائون، هن ٻانهي عرض ڪيو تہ حضرتا! ٻي فقير بانگ ڏني هئي. پاڻ فرمايائون تہ هن هوريان بانگ ڏني ۽ اسان ڏاڍيان بانگ ڏني سون، هن کري تہ جتي بہ بانگ جو آواز پهچي تہ اتان شيطان ڀڄي وڃي، هي بہ فرمايائون تہ جيڪا بہ شيءِ بانگ جو آواز ٻڌندي تہ اها قيامت ڏينهن شاهدي ڏيندي تہ هي بانگو نماز لاءِ سڏيندڙ هو.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل55:هيڪر پاڻ حديث شريف مان بيان فرمايائون تہ هڪڙي ڏينهن سرور دو جهان ﷺ جن فرمايو تہ بيت المقدس جي هڪڙي نماز ٻين مسجدن شريفن جي ستن سون نمازن کان افضل آهي. ٻي ڏينهن هڪ اصحابي سڳورو جو ان مجلس ۾ حاضر هو، سفر جي اجازت طلب ڪئي، پاڻ فرمايائونس تہ ڪاڏي تيار ٿيو آهين؟ عرض ڪيائين تہ سائين جن ڪالھ بيت المقدس ۾ نماز جي پلائي بيان فرمائي هئي سو اوڏانهن نماز پڙهڻ وڃان ٿو. پاڻ فرمايائون بيت المقدس جي ستن سون نمازن کان، هڪ نماز ڪعبةالله شريف جي زور پلي آهي. ڇوتہ ڪعبة الله شريف منهنجو قبلو ۽ مونکي ان جي طرف سجدي جو امر فرمايل آهي.

نقل56:صالح فقير ابڙو نقل ڪري ٿو تہ هڪڙي ڪوري شخص کنان مسئلو پڇيو تہ حضرتا! جيڪڏهن ڪو شخص ڪورڪي نڙي لاءِ سوال ڪري تہ ان کي ڏيڻ درست آهي يا نہ؟ پاڻ فرمايائون تہ تاني جي مالڪ موڪل ڏيئي ڇڏي هجي تہ هيترا ڪ هيترا نڙا پلي ڪم آڻ تہ پوءِ اوتري قدر ڏيڻ جائز آهي. وڌيڪ ڏيڻ درست نہ ٿيندو.انهيءَ تي مثال طرح نقل فرمايائون تہ هڪڙي بزرگ شخص کنهن شهر ۾ جاءِ مسواڙ تي ورتي ۽ ان ۾ ٽکندو هو.هڪ ڏينهن کنهن شخص جي سوال پوري ڪرڻ لاءِ سندس خط پي لکيائين تہ ڪاغذ تي قلم مان مس ڪري پئي،تڏهن اهو بزرگ اٿيو تہ جيڪر انهيءَ داغ تي مٽي ڪٽي ٻرکيان، پر اٿندي ئي خيال آيس تہ مون جاءِ جي مالڪ کان جاءِ ٽکڻ لاءِ ورتي آهي باقي مٽي جي ڪم آٽڻ بابت ڪنائس موڪل تہ ڪانہ ورتي اٿم، انهي خيال ڪري مٽي جي ويجهو ٻہ نہ ويو، مطلب تہ پرائو حق ائين ڪري سمجهجي جيئن بزرگ سمجهيو.جڏهن پاڻ مثال پورو ڪري چڪا تڏهن ڪوري عرض ڪيو تہ حضرتا پوءِ اهو سائل پلي خالي موٽي وڃي؟ پاڻ فرمايائونس تہ اي بزرگ! جيڪڏهن اهڙو سخي آهين تہ پنهنجي ملڪ مان ٻہ ٽي نڙا پاڻ وٽ رکي ڇڏيندو ڪر پوءِ جيڪو توکان اڃي سوال ڪري تنهن کي ڏيندو وڃ.

نقل57: ناقل خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ تہ هڪڙي ڏينهن سندن پني مبارڪ تي فقير تيل جي مالش پي ڪئي،اتفاقاً انهيءَ فقير هٿان سندن گوڏي مبارڪ جو حصو ظاهر ٿي ڀيو، پاڻ يڪدم پنهنجن هٿن مبارڪن سان ڍڪيائون ۽ ٻہ ٽي ڀيرا استغفرالله استغفرالله ٻہ پي چيائون ۽ گوڏي مبارڪ کي ٻہ هٿ سان پي مهٽيائون.

نقل58: ناقل خليفو لقمان رحمۃ اللہ علیہ تہ هيڪر پاڻ فقيرن جي دعوتن ونڻ لاءِ دادپوٽي ملڪ ڏانهن اسريا، هن غلام ٻہ سندن پيرن چمڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺان دادپوٽي وڃڻ جو خيال ڪيو ، ميان خدا بخش نظاماڻي هڪ گهوڙي چڙهيءَ لاءِ مون کي ڏني، جنهن تي سوار ٿي ڏاڍي تڪليف ۽ هلاڪت ڪري داد پوٽي ۾ وڃي سندن خدمت مبارڪ ۾ مشرف ٿيس، پاڻ منهنجي اڇڻ سان ڏاڍا خوش ۽ راضي ٿيا، انهيءَ سفر ۾ هڪڙي ڏينهن ميان قابل شاه رحمۃ اللہ علیہ مٽين گهوڙي گهري ورتي ۽ مٿس سوار ٿيو، پوءِ جڏهن سواري جي وقت سندن نظر مٿس پئي تڏهن ڏسندي ئي ميان قابل شاه رحمۃ اللہ علیہ کي فرمايائون تہ واه واه مالڪ جي

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

موڪل ڪانسواءِ سوار ٿيا آهيو. ميان قابل شاهه عرض ڪيو ته حضرتا! مون خليفي لقمان ڪان موڪل ورتي آهي.پاڻ فرمايائونس ته مالڪ لقمان ته نه آهي جو سندس موڪل درست ٿئي.ڪيس رڳو سوار ٿيڻ درست آهي جو مالڪ ڪان موڪل اٿس. باقي اوهان کي مٿس سوار ٿيڻ بلڪل جائز نه ٿيندو.

نقل59: هيڪرمون سندن خدمت بابرڪت ۾ عرض گذاريو ته حقيقت محمدي ﷺ ۽ حقيقت بيت المقدس مان ڪهڙي برتر آهي؟ پاڻ جواب ۾ ٿي ڏينهن توقف فرمائي چوٽين ڏينهن فرمايائون ته حقيقت محمدي ﷺ سيني حقيقتن لاءِ امّ الحقائق يعني اصل آهي. ڪعبة الله شريف جي حقيقت جو اصل ۽ حقيقت محمدي ﷺ آهي تنهن ڪري اصالت پاران حقيقت محمدي ﷺ ڪعبة الله شريف ڪان زياده افضل ۽ برتر آهي. صفت ۽ مسجوديت جي اعتبار سان ڪعبة الله شريف جي حقيقت برتر آهي. ڇو ته حضور ﷺ جو مسجود آهي ۽ بيت المقدس ڪان ڪعبہ مقدس افضل آهي ڇو ته هو مسجود ٻين انبيائن سڳورن جو آهي ۽ هي مسجود سرور ڪائنات ﷺ جو آهي. جو افضل الانبياء والمرسلين آهن.

نقل60: هيڪر پاڻ حضرت داؤد عليہ السلام جو قصو بيان ڪري ٻڌايائون ته اوريا نالي هڪڙي شخص ڪٽان سنگ ڇڪايو هو. ڳالهيون پڪيون ڪري نڪاح لاءِ تيار ٿيا ته اوچتي پاڻ ۾رسندن تڪرار ٿي پيو . نڪاح رندجي پيو ۽ اوريا کي سگ ڏيڻ ڪان انڪار ڪيائون. تڏهن حضرت داؤد عليہ السلام اهو سگ ڇڪايو شادي ڪري ڇڏيائين.ڪتاب 'زاد مسير' جي لکت موجب انهي ئي سبب ڪري الله تعاليٰ جي طرفان ڪيس عتاب ٿيو ۽ انهيءَ الله تعاليٰ جي ڏوراپي ۽ طعني جو تفصيل قرآن شريف ۾ هن طرح ذڪر ڪيل آهي ته حضرت داؤد عليہ السلام پنهنجي ڪمن ڪارن لاءِ ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيا هئا. هڪڙي ڏينهن عبادت ڪندو هو ۽ هڪڙي ڏينهن ماڻهن کي وعظ ڪندو هو ۽ هڪ ڏينهن فيصلا نبيريندو هو ۽ هڪڙو ڏينهن پنهنجي خاص ڪمن ۽ گهر جي حاجتن ۾ پورو ڪندو هو پوءِ جنهن ڏينهن عبادت ڪرڻ جو وارو ايندو هو انهي ڏينهن پنهنجي بالاخاني تي در بند وڃي عبادت ڪندو هو ۽ دروازي تي چوڪيدار بيهاري ڇڏيندو هو جيڪو ڪنهن بہ شخص کي اندر نه ڇڏيندو هو. پوءِ انهي شادي ڪرڻ بعد هڪڙي ڏينهن پنهنجي دستور موجب انهيءَ بالاخاني ۾ در بند ڪيو ويني عبادت ڪيائين ته اوچتي حضرت جبرائيل عليہ السلام ۽ حضرت ميڪائيل عليہ السلام مدعي ۽ مدعا عليہ بٽجي حضرت داؤد عليہ السلام جي گهر ۾ لنگهي آيا ۽ هر هڪ سان ملائڪن جي جماعت شامل هئي ۽ الله تعاليٰ انهن جو قصو هن طرح بيان ٿو فرمائي ته. 'اِذْ تَسَوَّرُوا الْمِحْرَابَ' ياد ڪر (اي پيغمبرڪريم ﷺ) جنهن وقت ملائڪ حضرت داؤد عليہ السلام جي بالاخاني تي چڙهي ويا 'اِذْدَخَلُوْا عَلٰى دَاوٗدَ' ۽ ياد ڪر جنهن وقت حضرت داؤد عليہ السلام وٽ آيا ۽ داؤد عليہ السلام کين ڈٺو ''فَفَزِعَ مِنْهُمْ'' پوءِ ڏنو انهن کان ته ڇو بنا موڪل جي مٿي چڙهي آيا آهن. تڏهن ملائڪن ڪيس چيو اي داؤد ! 'لَا تَخَفْ' ڊڄ نه. 'خَصْمٰنِ بَغٰى بَعْضُنَا عَلٰى بَعْضٍ' اسين بہ تڪراري آهيون. جو اسان مان هڪڙي بي تي ظلم ڪيو آهي سو فيصلو ڪٽي آيا آهيون 'فَاحْكُمْ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ وَلَا تُشْطِطْ' پوءِ اسان جي وچ ۾حقي فيصلو ڪر۽ الله تعاليٰ جي حڪم جي بر خلاف

ڪم نہ ڪجانءِ. 'وَاهْدِنَآ اِلٰى سَوَآءِ الصِّرَاطِ' ۽ اسان کي انصاف ۽ حق وارو رستو سمجهاءِ ،تڏهن حضرت داؤد عليہ السلام کين احوال ٻڌائڻ لاءِ چيو، جنهن تي انهن مان هڪڙي ٻي کي اشارو ڪيو تہ احوال ڏي، تنهن تي هو چوڻ لڳو 'اِنَّ هٰذَآ اَخِىْ لَهٗ تِسْعٌ وَّتِسْعُوْنَ نَعْجَةً' هي منهنجو ديني ڀاءُ آهي ۽ ڪيس نوانوي يعني هڪ گهٽ سؤ رڍون آهن، 'وَّلِىَ نَعْجَةٌ وَّاحِدَةٌ' ۽ مون کي ڪل ئي هڪ رڍ آهي، 'فَقَالَ اَكْفِلْنِيْهَا وَعَزَّنِىْ فِى الْخِطَابِ' هن مونکي چيو تہ اها هڪڙي رڍ ٻہ مونکي ملڪ ڪري ڏي، ۽ ان ۾ اهڙو زورپريو اٽس جو منهنجي ڪا ٻہ ڳالهہ نہ ٿو ٻڌي ۽ نڪو سبب ۽ عذر معذور قبول ڪري ٿو. حضرت داؤد عليہ السلام جواب ڏنو تہ جيڪڏهن اها صورت حال آهي پوءِ انهي شخص وڏو ظلم ڪيو،جنهن تنهنجي هڪڙي رڍ پنهنجي رڍن ۾ ملائڻ لاءِ توکان سوال ڪيو آهي، 'وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْخُلَطَآءِ لَيَبْغِىْ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ' ۽ بيشڪ گهٽا ڀائيوار آهن جي پراوا مال پيا پنهنجن مالن سان گڏين ۽ هڪ ٻئي تي ظلم ڪن ٿا ڪن ۽ پنهنجي حق کان وڌيڪ انهن کان طلب ڪن ٿا، 'اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ' باقي ايمان وارا ماڻهو جي چڱا ۽ موچارا ڪم ڪندا آهن سي ظلم نہ ڪندا آهن 'وَقَلِيْلٌ مَّا هُمْ' ۽ اهڙا چڱا ماڻهو تمام ٿورڙا ٿا لڀن.جڏهن حضرت داؤد عليہ السلام اها تقرير ڪري چڪو، تڏهن هو اٿي ڪڙا ٿيا ۽ سندس نظر کان غائب ٿي ويا، حضرت داؤد عليہ السلام سندن ويچار ۾ پئجي ويو. 'وَظَنَّ دَاوٗدُ اَنَّمَا فَتَنّٰهُ' اتي حضرت داؤد عليہ السلام خيال ڪيو تہ اسان سندس امتحان ورتو ۽ انهيءَ فيصلي سان تنبيہ ڪئي سون ۽ ڳالهہ سمجهي ويو، 'فَاسْتَغْفَرَ رَبَّهٗ' پوءِ الله تعاليٰ کان مهر پنيائين، 'وَخَرَّ رَاكِعًا وَّاَنَابَ' (سوره صٓ) ۽ منهن ڀر سجدي ۾ ڪري پيو ۽ انهي سجدي ۾ الله تعاليٰ ڏانهن رجوع ڪيائين ۽ ايترو تہ روڄ راڙو ڪيائين جو سندن هنجهن جي پاڻي سان زمين تي گاهہ ايري سائو ٿي پيو.

رحمتش را تشنہ ديدم بر گناه
آب ديده خويش را کر دم پناه
قطره چند از گنہ گر شد پديد
درچناں دريا کجا آيد پديد

يعني: الله تعاليٰ جي رحمت کي گناهن لاءِ اجايل ڏٺم تڏهن پنهنجي ڳوڙهن کي پاڻ لاءِ پناهہ ڪيم ۽ جي منهنجي گناهن جا ٻہ ٽي قطرا ظاهر ٿي پيا تہ ڇا ٿي پيو ڇو تہ اهي ٿورڙا قطرا رحمت واري ڪشادي درياء ۾ ڪٿي ظاهر ٿي سگهندا؟

نقل61: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر سندن حضور پر نور ۾ حاضر هوس تہ هڪڙا ٻہ فقير آيا ،جن مان هڪڙو ٽنڊي مير باگي جو ويڙل هو ۽ ٻيو مير محمد خان جي ٽنڊي جو، تن مان هڪڙي ڳالهہ ڪئي تہ هڪڙي زال کي ويم ٿيو ۽ نور جمي پيس ٻئي احوال ڪيو تہ اسان جي طرف هڪ

عورت کي پيٽ مان پکيءَ جھڙو ٻار پيدا ٿيو آهي ۽ سيد مني چيو ته هڪڙيءَ رڍ کي ماڻهو جھڙو ٻچو پيدا ٿيو آهي . تڏهن پاڻ فرمايائون ته مڙسن کي کپي ته پنهنجن زالن کي سمجهائي ڇڏين ته صحبت جي وقت پنهنجي دل ۾ الله تبارک وتعاليٰ جو خيال دل ۾ رکندیون کن يا حضرت پيغمبر کريم ﷺجو يا صورت مرشد کريم جي حاضر کندیون کن يا مڙس جي صورت جي طرف خيال کن ۽ مڙس کي کپي ته صحبت کان اڳ ۾ هي دعا پڙهي:" اَللّٰهُمَّ جَنِّبْنَا عَنِ الشَّيْطٰنِ وَ جَنِّبِ الشَّيْطَانَ عَمَارَزَقْتَنَاهُ" يعني اي خداوند تعاليٰ اسان کي شيطان کان پاسي کر ۽ جيکي اسان کي نصيب کيو اٿئي تنهن ۾ شيطان کي شريک ٿيڻ کان پاسي کر .پوءِجڏهن واندو ٿئي هي دعا پڙهي :

"اَللّٰهُمَّ لَا تَجْعَلْ فِيْمَا رَزَقْتَنَا لِلشَّيْطٰنِ نَصِيْبًا"

يعني: يااللہ! جيکي نعمت اسان کي ڏني اٿئي تنهن ۾ شيطان جو حصو نہ کج.

سکندريه پبليڪشنز ، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

فصل پنجون
نماز سڱوري ۽ دعائن گهرڻ جي بيان ۾

نقل1: حضرت مرشد ڪريم قدس سره هيڪر فرمايو ته حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه تهجد نماز ۾ قرات هوريان ڪندا هئا، باقي ڏاڍيان پڙهڻ بہ درست آهي، مگر پاڻ فرمايائون ته اسان کي هوريان قرات ڪرڻ وڌيڪ پسند آهي. ڇو ته ڏاڍيان پڙهڻ ۾ رياءَ جو خوف آهي.

نقل2: هيڪر پاڻ نقل فرمايائون ته هڪڙي رات اميرالمؤمنين حضرت عمر رضي الله عنه تهجد نماز ۾ قرآن شريف ڏاڍيان پي پڙهيو، ته اوچتي ڪنهن شخص جي ڪنگهڙ جو آواز سندن ڪن تي پهتو ته قرآن شريف ترتيل يعني مخرج سان پڙهڻ شروع ڪيائين، فارغ ٿيڻ کان پوءِ ننڊ جو غلبو ٿيوخواب ۾ ڏٺائون ته جيتري قدر قرآن شريف تهجد نماز ۾ پڙهيائون تنهن ۾ هڪ هڪ لفظ هينان ڏهه ڏهه چڱايون لکيل هيون باقي جيڪو لفظ ڪنگهڙ ٻڌڻ ڪري ناهي پڙهيو هئائون انهيءَ هينان کان چڱائي نہ لکيل هئي.

نقل3: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته ڪنهن وقت حضرت خواجہ حبيب عجمي قدس سره امامت ڪرائي نماز پي پڙهائي ۽ شيخ حسن بصري قدس سره بہ سندن پوئتان اچي نماز ادا ڪئي جڏهن نماز کان واندا ٿياتڏهن شيخ حسن بصري قدس سره نماز موٽائي پڙهڻ لڳو، ڇوته خواجہ صاحب جي زبان عجمي هئي، تنهن ڪري مخرج سان لفظ ادا نہ ٿي سگهندا هين، تڏهن مٿان هاتفي آواز آيس ته شيخ صاحب! ساري حياتيءَ ۾ اها هڪ ئي نماز ته قبول ٿي اٿئي، اها ڇو ٿو موٽائي پڙهين؟

نقل4: هيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ نماز جو ذڪر هليو، جنهن تي پاڻ فرمايائون ته نمازي جنهن وقت قيام ٿو ڪري تنهن وقت سندن صورت 'الف' جهڙي آهي ۽ جڏهن رڪوع ٿو ڪري تڏهن 'ح' جي شڪل ٿو ڏيکاري ۽ جڏهن سجدي ۾ ٿو پهچي تڏهن سندس صورت 'ميم' جهڙي آهي ۽ جڏهن قعدو ٿو ڪري تڏهن 'دال' وانگر ٿو ڏيکارجي، پوءِ اهي لفظ گڏ ڪبا ته احمد صلى الله عليه وسلم ٿيندو اها آهي صورت نماز جي سندس حقيقت سان.

نقل5: خليفو محمود رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر مون سندن خدمت مبارڪ ۾ سوال ڪيو ته حضرتا! رڪوع ۽ سجدن ۾ گهٽا ويرا تسبيح پڙهڻ گهرجي؟ پاڻ فرمايائون ته اسان پنهنجي زبان کي ٿي ويرا تسبيح پڙهڻ سيکاري ڇڏي آهي جو پاڻهئي پڙهندي آهي، سندن انهي فرمودي مان معلوم ٿيوته سندن دل مبارڪ هميشہ وحدت جي لهرين ۾ مستغرق هوندي هئي، باقي جيڪا تسبيح چوندا هئا سو رڳو سندن زبان مبارڪ چوندي هئي.

نقل6: هيڪر پاڻ قدسي حديث شريف مان بيان پي فرمايائون ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن شخص تازو وضو ڪيو ۽ بہ رڪعتون تحية الوضو نہ ادا ڪيائين ته ان شخص ڇڻ مون

تي ظلم ڪيو (يعني مونکي رنج ڪيائين) پر جيڪڏهن ٻه رڪعتون نفل ٻه پڙهيائين ۽ پوءِ مونکان دعا نہ گهريائين تہ ان شخص پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ جيڪڏهن وضو ڪري نفل ٻه پڙهيائين ۽ دعا ٻه گهريائين پوءِ مون سندس دعا قبول نہ ڪئي تہ پوءِ ڇڙ مون ساڻس ظلم ڪيو.حالانکہ الله تعاليٰ ظلم کان پاڪ آهي، مطلب تہ سندس دعا ان شاءَ الله تعاليٰ ضرور قبول پوندي.

نقل7: خليفو غازي خان ٽالپر نقل ڪري ٻڌو تہ پاڻ هڪڙي مسافريءَ ۾ ڪنهن هنڌ لٿل هئا،جڏهن وچينءَ جو وقت ٿيو،تڏهن پاڻ وضو ساريائون ۽ سيئي فقير ٻه وضو ساري اچي صفون درست ڪرڻ لڳا پاڻ مونکان پڇيائون تہ نماز مسجد ۾ هلي پڙهون ياهت؟مون عرض ڪيو تہ حضرتا! اسين مسافر آهيون نماز اتي ادا ڪرڻ ڪپي،تڏهن پاڻ اسان جي مرضي جي برخلاف مسجد شريف ۾ نماز پڙهڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا، چوتہ مسجد شريف ۾ نماز ادا ڪرڻ وڏي فضيلت آهي.

نقل8 : هيڪر پاڻ فرمايائون تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ مڪي شريف جي فتح واري ڏينهن بي بي ام هاني رضي الله عنها جي گهر ۾ فتح مڪ کانپوءِ ٻه رڪعتون نفل ادا فرمايون هئائون، تنهن ۾ شارحن اختلاف ڪيو آهي. ڪي چون ٿا تہ ضحيٰ نماز پڙهيائون ۽ ڪي چون ٿا تہ اشراق جي نفلن جو وقت هو، تنهن ڪري پاڻ اهي اشراق جا نفل ادا فرمايا هئائون ۽ ڪن جو خيال آهي تہ مڪي شريف جي فتح جي خوشي ۾شڪراني جا نفل پڙهيا هئائون.

نقل9: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ دستار شملي دار يعني تري سان سنت موجب ٻڌل هجي تنهن سان هڪڙي نماز پڙهڻ ٽوپيءَ سان پڙهيل ستر نمازن کان ٻه فضيلت ۾ وڌيڪ آهي.

نقل10: حضرت مرشد ڪريم قدس سره جي روش مبارڪ هوندي هئي تہ تهجد جي نفلن ادا ڪرڻ کانپوءِ ڪنهن سان ٻه ڪونہ ڳالهائيندا هئا،بلڪ مقرر ٿيل وظيفن ۾ مشغول رهندا هئا، تانتہ اشراق جا نفل پڙهي فارغ ٿيندا هئا، پوءِسپ ڪنهن سان ڪلام فرمائيندا هئا.

نقل11 : هڪڙي ڏينهن پاڻ فرمايائون پي تہ نماز اهل دل ڪامل جي پوئتان ادا ڪرڻ افضل آهي، باقي جن ماڻهن جي دل پريشان ، زماني جي خيالات ۾ گرفتار، محبت ۽ نسبت جي سلسلي سان ڳنڍيل نہ آهي تن جي امامت ڪاشيءِ نہ آهي، انهيءَتي هي آيت شريف تلاوت ڪيائون.

وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ وَ كَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا (الكهف: ٢٨)

ترجمو: انهيءَ شخص جي فرمانبرداري نہ ڪرجنهن جي دل کي پنهنجي ذڪر کان غافل ڪري ڇڏيو اٿئون ۽ هو پنهجي نفساني سڌن جي پيروي ۾ پيل آهي ۽ ڪم انهيءَ جو خراب آهي.

انهيءَ آيت موجب اهل دل کانسواءِ ٻين پريشان دل ماڻهن جي امامت جو عدم جواز ٿو نڪري، چو تہ امامت ۾ ٻہ تہ نيٺ فرمانبرداري ڪرڻي پوي ٿي.جڏهن سندن مٿيون فرمودو مشهور ٿيو، تڏهن اهل ظاهر کي گمان پيدا ٿيوتہ پاڻ شايد مُلن جي پوئتان نماز پڙهڻ کان روڪين ٿا، تنهن تي اچي شور ۽ غوغاءَ ۾ پيا، پاڻ فرمايائون تہ نماز جي امامت لاءِ حديث شريف "صَلُّوا خَلْفَ كُلِّ بَرٍّ وَ فَاجِرٍ"

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آيل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي تہ چگي توڙي مني جو پوئتان نماز پڑهو. پر افضل مفهوم ۽ مطلب آيت شريف وارو آهي، جيكو لكيو ويو.

نقل12: پاڻ فرمايائون تہ حديث شريف "لَا صَلٰوةَ اِلَّا بِحُضُوْرِ الْقَلْبِ" صحيح ۽ سَند جي قوي ۽ متواتر آهي ۽ اها پك آهي تہ دل جي حضور كانسواءِ نماز اصل درست نہ ٿيندي، پر اڄين عالمن سڳورن جو اهڙي نماز جي جواز جي فتويٰ ڏني اٿن. سو رڳو هن كري تہ جيكڏهن بغير حضور قلب جي ادا كيل نماز كي صفا ناجائز ٻڌايوويندو تہ (جڏهن تہ اها دولت عظميٰ عام طرح سڀ كنهن ماڻهوكي ميسر نہ ٿي ٿئي سگهي، تنهن كري) ماڻهو نماز ڇڏي ڏيندا ۽ نماز جي ڇڏڻ كري اسلام جي رسم گم ٿي ويندي تنهن كري رڳو اسلام جي رسم قائم ركڻ لاءِجواز جي فتويٰ ڏني اٿن.

نقل13:هكڙي ڏينهن الياس فقير ذات جو وساڻ ڳوٺ ڇاركي ۾ نماز پڑهي رهيو هو ۽ سجدي جي وقت ٿوننيون رانن تي ركي سجدو پي ڏنائين تہ اوچتو حضرت مرشد كريم رَوْضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي نظر مبارك مٿس پئجي وئي، فرمايائون تہ هي ماڻهو وضو بہ سارن، نماز بہ پڑهن ۽ نماز لاءِ هيتري ساري تكليف بہ وٺن، پر نماز بہ سندن كانہ ٿئي،چوتہ نماز جا ركن بجاءِ كونہ ٿا آٿن،نہ پاڻ كي خبر پوين، نہ ٻي كان پڇن.

نقل14:هيكر پاڻ،مريد فقير وينل ديهہ بودلي جي دعوت تي جماعت سميت اسريا ، اهوگوٺ درگاه مبارك كان كوهہ كن پنڌ ڏكڻ جي طرف آهي، پاڻ درگاه مبارك كان دير سان چڙهيا هئا تنهن كري سانجهي نماز كي تمام دير ٿي وئي، غبار بہ ان ڏينهن گهٽو هو، تنهن كري سمجهڻ ۾ ائين اچي پيو تہ نماز جو وقت گذري ويوآهي پاڻ جماعت كي فرمايائون تہ نماز جي نيت هن ريت كيو تہ'هن وقت جي نماز ادا ٿا كيون' پوءاهڙي طرح چوڻ سان جيكڏهن وقت موجود هوندو تہ وقتي ٿي ويندي جيكڏهن وقت نہ هوندو تہ قضا جي لاءِ بہ اها نيت كافي آهي.

نقل15:جامع ملفوظات رَحِمَهُ اللّٰهُ عَلَيْهِ لكي ٿو تہ سندن هميشہ عادت مبارك هوندي هئي تہ سواري هلندي جيكڏهن نماز جو وقت ايندو هو تہ پاڻ گهوڙي تان هيٺ لهي مصلي تي قبلي كي سامهون ٿي ويهندا هئا ۽ بانگي كي حكم كندا هئا تہ بانگ ڏئي، پوءِخاص نماز لاءِ مصلي تان اٿي نماز ۾ مشغول ٿيندا هئا ۽ ائين كڏهن بہ كونہ كندا هئاجو گهوڙي تان لهي يكدم نماز شروع كن ۽ ائين كرڻ سندن خاص بانگ ٻڌڻ ۽ اداءِ نماز جي ادب لاءِ هوندو هوءِ سندن انهي روش ۾ كڏهن بہ فرق كونہ ٿيو.

نقل16 : خليفو اميد علي نقل كري ٿو تہ هيكر پاڻ فرمايائون تہ هن كان اڳ اسان جي روش هي هوندي هئي جو وتر تهجد جي نفلن سان گڏ پڑهندا هئاسون پر هينئر جاتوسون تہ پنهنجي بي بقا حياتي تي ايترو پروسو نہ كرڻ كپي، تنهن كري هاڻي سنت ادا كرڻ كانپوءِ وتر بہ ادا كري ڇڏيندا آهيون.

دعائون گهرڻ بابت نقلن ۾

نقل17: سيد حسن شاه وينل پرڳٽي كڏهري جو نقل كري ٿو تہ هيكر پاڻ لاڙ جو سفر كندي گهن

سكندريه پبليكشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

ديهه درياءَ ناري جي آس پاس لٽل هئا. مون سندن خدمت ۾ موڪل لاءِ عرض ڪيو ۽ هي به گذارش ڪيم ته حضرتا! هي ضعيف پانهو سائين جن کان جڏهن موڪلائي ويندو آهي تڏهن پنهنجي طرف جا ماڻهو بيمار سيمار وغيره حاجتمند جاڏهن تاڏهن مون وٽ دعا لاءِ ايندا آهن ۽ چوندا آهن ته حسن شاهه ، حضرت مرشد ڪريمن قدس سره ڏانهن آيو آهين تنهن ڪري ان کان دعا گهرايون ۽ هن عاجز کي وري ايندو ڪجهه به ڪو نه آهي، جيئن سائين جن فرمائن ته انهي طرح عمل ڪجي پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته تون هن طرح دعا گهرندو ڪر ته يا الله! هن شخص جو مطلب سندس نيت موجب ڪيس عطا ڪر ته ان شاءَ الله تعاليٰ سيڪو مطلب وارو پنهنجي مقصد کي پهچي ويندو. ميان حسن شاهه چوي ٿو ته انهي وقت کان وٺي منهنجي اها دعا خدا تعاليٰ جي درگاهه ۾ مستجاب آهي.

نقل18: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت اميرالمؤمنين حضرت عثمان رضي الله عنه جن جو هميشه قاعدو هوندو هو ته سڀ ڪنهن دعا گهرڻ مهل قبر جي آساني جي مناجات ڏٺي تعاليٰ جي درگاهه ۾ ضرور ڪندا هئا. هڪڙي اصحابي سڳوري کانئن پڇيو ته انهيءَ دعا جي گهٽي گهرڻ جو سبب ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته اها قيامت جي منزلن مان پهرين منزل آهي پوءِ جي اها منزل آسانيءَ سان لنگهي وڃبي ته ٻيون منزلون به سڀ آسان ٿي پونديون ۽ جيڪڏهن اتي تڪليف پيش آئي ته ٻيون منزلون به سخت نظر ايندیون.

نقل19: خليفو محمود رحمة الله عليه لکي ٿو ته هيڪر حضرت مرشد ڪريم قدس سره جي درگاهه عرش اشتباهه تي زيارت لاءِ حاضر ٿيس،انهي ڏينهن ۾ لاڙ منجهه وبا جي ڪري اوچتي موت جو بلڪل زور هو. تنهن ڪري خدمت مبارڪ ۾ دعا گهرڻ واسطي عرض ڪيم ته الله تعاليٰ انهي موت کان سندن خادمن کي محفوظ رکي،پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته اي خليفا! موت کان امن ملڻ لاءِ ڪهڙي دعا ٿو گهرائين. ائين دعا گهرڻ کپي ته جيڪو هن فاني دنيا مان لڏي سو شل ايمان جي سلامتي سان وڃي.

نقل20: ساڳيو خليفو صاحب رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته هيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ درگاهه عالي جاهه تي حاضر هوس مون سان گڏ هڪڙو مجذوب شخص مولي نالي هندو سونارن جي قوم مان هو،جو الله تعاليٰ کيس پنهنجي جذب محبت سان ڪاملن منجهان ڪيو هيو پوءِ پاڻ انهيءَ مجذوب کي پاڪر پائي ڪنائنس دعا طلب ٿيا،پر هو مجذوب منهن ڦيرايو ٻي پاسي پيو ڪري، جي سائين جن سڃي پاسي منهن پي ڪيو ته هن ڪٻي طرف پي ڏنوءِ جيڪڏهن پاڻ ڪٻي پاسي کان ٿي ڪيائون ته هن سڃي پاسي ٿي نهاريائين پوءِ مان ان مجذوب کي ڪنڌ کان وٺي چيومانس ته اي احمق! حضرت پير سائين قدس سره جن پاڻ توکان دعا ٿا گهرن، تون وري ٻي طرف ٿو نهارين؟ تڏهن ان مجذوب چيو ته 'ڀلا موچارو هوندين'.

نقل21: پاڻ هيڪر خواجه سيد آدم بنوري قدس سره جو نقل بيان ٿي فرمايائون جو نقشبندي طريقي جو وڏو بزرگ ۽ انهي طريقي ۾سندن مقتدا ٿي گذريو آهي ته هيڪر دعا گهرڻ لاءِ الله تعاليٰ جي درگاهه مبارڪ ۾ هٿ کنيائون پر هٿ کٽڻ شرط زبان تي خشوع ۽ خضوع کان اهڙو ماڻ ۽ چپ جو اثر پئجي ويو جو ڪوبه سوال زبان تي نه پيو اچي سگهي ڪيتري مدت انهي حالت ۾ ماڻ ڪيو وينا هئاسون

،تان تہ نبئ الله تعاليٰ اهڙيون معنائون غيب مان عطا فرمايون جو نہ ڪنين ٻڌيون نہ اکين ڏٺيون نہ ڪڏهن فڪر ، وهم ۽ دل جي خيال کي سندن بوءِ پهتي هئي ۽ حديث قدسي ۾ وارد ٿيل آهي:

مَنْ شَغَلَهُ ذِكْرِيْ عَنْ مَسْئَلَتِيْ أَعْطَيْتُهُ أَفْضَلَ مَا أُعْطِي السَّآئِلِيْنَ

يعني: الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ جنهن بانهي کي منهنجي ذڪر سوال ڪرڻ جي واندڪائي نہ ڏني تہ جيڪي سائلن کي ڏيان ٿو انهيءَ کان وڌيڪ کيس عطا ڪري ڇڏيندس.

نقل22: خليفو لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ جن ڏينهن ۾ حضرت پير سائين مسند ڏٽي قدس سرہ ۽ ٻين صاحبزادن کي پناڻن جي هٿان زخم پهتا هئا، تڏهن پاڻ مسجد شريف ۾ ڪٻڙ هينان وينا هئا ۽ بيان ڪي فرمايائون تہ هن کان اڳ اسين الله تعاليٰ کان اولاد جي هدايت لاءِ دعا گهرندا هئاسون، هينئر جو ڏٺوسون تہ هن معاملي ۾ جيتوڻيڪ صاحبزادن کي قوت ۽ طاقت جا اسباب جيئن تہ قيمتي هٿيار ۽ ماڻهن جو هيترو سارو لشڪر، گهوڙا وغيره بہ موجود هئا ۽ پاڻ نسب جي شرافت ۾ يڪتا هجڻ کان علاوه مقابلو ڪرڻ نادان نالائقن دشمنن سان هو پر تہ بہ پاڻ زخمي ٿيا ۽ هنن کي ڪوبہ ايذاءَ نہ پهچايائون ، بلڪ مقابلي کان منهن موڙي صبر ۾ رهيا. تڏهن اسان کي يقين ٿي ويو تہ الله جل جلالہ اسان جي دعا قبول فرمائي آهي.

نقل23: ٻڌو فقير نظاماڻي رهندڙ ٽنڈي بهادر خان نظاماڻي جو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ بهادر خان جي ٽنڈي ۾ تشريف فرما ٿيا، پوءِ مان حضرت پيرسائين قدس سرہ جن کي گهر زيارت ڪرائڻ لاءِ وٺي ٿي ويس، ان وقت سائين جن جي خدمت ۾مان ڪمترين کانسواءِ ٻيو ڪو بہ فقير ڪونہ هو،واٽ تي سندن خدمت ۾ عرض گذاريم تہ حضرتا! منهنجي حق ۾ دعا فرمايو تہ مونکي الله جل جلالہ حاصل ٿئي، الله جل جلالہ کانسواءِ آءٌ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿو گهران، پاڻ اتي جو اتي جتي مان پيرمبارڪ ڪڍي متس رکيائون۽ ٻيهي دعا گهريائون پوءِ منهنجي پٺي تي مهرباني جا هٿ گهمائي فرمايائون تہ مرشد کان اهائي دعا گهرڻ کپي.

نقل24 : هيڪر پاڻ سڳورن قدس سرہ نقل بيان فرمايو تہ هڪڙو چور ڪنهن شخص جو گهوڙو چورايون ڪاهيون پئي ويو، پنڌ ڪندي هڪڙي هنڌ صبح ٿي ويس، تڏهن اتي گهوڙو ٻڌي نماز صبح جي ادا ڪيائين ۽ پنهنجي هميشہ جي عادت موجب نماز ادا ڪري اشراق جي نفلن لاءِ اتي ئي ويهي رهيو، اڃان هن اشراق جا نفل شروع ڪيا هئا تہ ايتري ۾ گهوڙي جا مالڪ بہ اتي اچي سهڙيا، گهوڙو ڏٺائون تہ ٻڌو بينو آهي، سڃاتائون پر حيرت ۾ پئجي ويا جو گهوڙي جو رنگ اصلي متجي ٻيو ٿي ويو هو ،جڏهن چور نماز کان واندو ٿيو تڏهن ڪنانس گهوڙي جو رنگ متجي وڃڻ بابت پڇيائون ، چور جواب ڏنو تہ منهنجي هميشہ عادت آهي تہ جتي صبح جي نماز پڙهندو آهيان اتي اشراق جا بہ نفل پڙهي پوءِ اٺندو آهيان تنهن ڪري نماز اشراق جي برڪت ڪري توهان جي گهوڙي جو رنگ متجي ويو آهي اهو ٻڌي گهوڙي جا مالڪ پنهنجو گهوڙو ڪاهيون ماڻ ڪيو هليا ويا ۽ چوري جي ڏوهہ بابت ان کي ڪابہ

تکليف ۽ چڪتاڻ کان ڪيائون.

نقل25: هيڪر پاڻ بيان ٿي فرمايائون ته هڪڙا اٺ جڙا (شخص) حرمين شريفين جي زيارت لاءِ قافلي سان گڏجي ٿي ويا، پوءِ وات تي اتفاقا قافلي کان جدا ٿي وات وڃائي ويٺا،ٿي ڏينهن ۽ ٿي راتيون برابر پنڌ ڪندي سڄ ۾ گذرين جنهن ۾ نه ڪجھ کاڌائون نه پيتائون، اتي اڄ ۽ بک به ڏاڍو هلاڪ ڪين، ٽئين ڏينهن پنڌ ڪندي هڪڙي جبل جي وٽ سان اچي لانگهائو ٽيا ته اتي جبل جي دامن جي هيٺان هڪڙوبزرگ شخص نظر آين،جو تازو وضو ڪيو وينو هو ۽ پاڻي جا ٽيپا ايان تائين سندس ڏاڙهي مبارڪ مان پي ٽمايا ۽ هٿ پير به آلا هيس اها حالت ڏسي سندن خدمت ۾ عرض ڪيائون ته حضرتا! اسين مسافر تن ڏينهن کان بکيا اڇيا هن بر ۾ ڀلجي رلي مٺا آهيون ، توهان تازو وضو ساريو وينا آهيو،خدا واسطي اسان کي به پاڻي جو ڏس ڏيو ۽ طعام بابت به ٻڌايو ته اوهان کي هت بر ۾ ڪٺان ملندو آهي؟ ان بزرگ جواب ڏنو ته اسان کي ماني توڙي پاڻي اللهﷻ وٺان ملندا آهن هنن چيو ته هينئر ته اسان تو وٽ کاڌو يا پاڻي ڪجھ به ڪو نه ٺا ڏسون ، هينئر تنهنجي ڳالھ تي پت نٺا ڪريون ته ايمان جو خير ڪونه ٽيندو، پر پهريان اسان کي اج کان ڇڏاءِ پوءِ ٻيون ڳالهيون؟ تڏهن ان بزرگ هٿ کٽي دعا گهري ايان دعا مس پوري ٿي ته هڪڙو ننڍڙو ڪکر آسمان مان پيدا ٽيو ۽ اتي اهڙو مينهن وسايائين جو پاڻي کوڙ ٿي ويو سيني ماٺهن پي ڏؤ ڪيو، پوءِ ان بزرگ چين ته ميان!هي ڪکر به توهان لاءِ آيو آهي نه ته اسان کي اللهﷻ بنا ڪکر جي پاڻي ۽ بنا سبب جي ماني پهچائيندو آهي.

اي عزيز! ڏس ته جيڪو پاڻ کي فنا ٿو ڪري ڇڏي ته اهو جيڪي به وٽيس ڪري سگهي ٿو.

هڪڙي بزرگ چيو آهي ته:

آسمان و زمين طفيل تواند
تو اميری و جمله خيل تواند
تو همانی که گر بگويم باز
عالمت سجده آود به نياز

يعني: هي آسمان ۽ زمين تنهنجي طفيل ۾ آهن تون سردار جي مثل آهين ۽ هي مڙوئي تنهنجو لشکر آهي، تون اهو آهين جو تنهنجي حقيقت بيان ڪجي ته سمورو جهان هوند توکي نياز جو سجدو اچي ڪري.

نقل26: هيڪر پاڻ فرمايائون ته قرآن شريف جي ختم واري دعا ٻڌڻ واري کي به اهڙوئي ثواب حاصل ٿيندو جهڙو قرآن شريف جي پڙهندڙ کي. پوءِ ان تي حديث شريف مان مثال بيان فرمايائون ته غازي في سبيل الله جنگ ڪري غنيمت جو مال آڻيندا آهن ته پوءِ ان جي ورهائڻ مهل جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص به اچي حاضر ٿيندو ته ان کي به ان مال مان حصو ملندو آهي.

نصل ڇهون
ماهہ رمضان شريف ۽ روزن بابت

نقل1: حضرت مرشد ڪريم قدس سره جي روش مبارڪ هوندي هئي تہ جڏهن رجب مهينو گذرڻ تي ايندو هو،تڏهن پاڻ جماعت ساڻ ماهہ شعبان جي چنڊ ڏسڻ جي ڪوشش فرمائيندا هئا ڇو تہ اهو مهينو رمضان شريف جي باغ پر بهار ۽ چمن مشڪبارجي ڪلڻ لاءِ ڇڻ تہ دروازو يا مقدمو آهي، پوءِ جڏهن شعبان المعظم اچي پڇاڙي ڪندو هوتڏهن پاڻ صبا جي هير وانگر نهايت شوق سان هلال رمضان شريف جي مکڙي ڏسڻ لاءِ انتظار ڪندا هئا ۽ سندس ڏسڻ لاءِ ڪوشش ڪندا هئا، جڏهن مهوشن جي ابروي خمدار مثال رمضان شريف جو هلال آسمان جي چهري تي چمڪ لڳندو هو،تڏهن پاڻ بہ چوڏهين جي چنڊ وانگرخوشيءَ مان ڪلندڙ ۽ گل گلاب وانگر شگفتہ روءِ ۽ فرحتناڪ ٿيندا هئا ۽ مسجد شريف جي ڇت ڪي قنديلن ،قانوسن ۽ بتين جي روشنائي سان منور ۽ مزين ڪري آسمان ڪي ريس ڏيارينداڇڏينداهئا۽ طالبن جي دلين وارن ڏيئن ڪي فيوضات رباني واري سج مان نور عليٰ نور فرمائيندا هئا ۽ سندن دل جي عقدن ۽ مشڪلن واري مکڙيءَ ڪي توجهات باطنيءَ جي هنياءُ ناريندڙ هير گهلائڻ سان گل گلاب جي مثل شاداب ۽ شگفتہ ڪري ڇڏيندا هئا ۽ رات ڏينهن سالڪن جي ذڪرن ۽ فڪرن وارن گلن مان گلدستن ٺاهڻ سان آسمان جي باغ ڪي بہ باوجود نازبوين تقديس تحميد جي سندس خوشبوءِ دل کسيندڙ کان شوق ۽ ريس جو ڪندو دل ۾ڇپائي ڇڏيندا هئا، انهي روح پرور ۽ روح جي مغز ڪي معنبر ۽ معطر ڪندڙ زماني ۾ جيڪي طالبن مشتاقن جي سينن واري باغ مان ذوق شوق جون مکڙيون ٽڙنديون هيون، تن سان جهان جي ميدان ۾ڇڻ هڪ تازو ۽ نئون بهارستان ڪلي ويندو هو ۽ سڪايلن جون اکيون رمضان المبارڪ جي سپ ڪنهن رات ڪي ليلةالقدر سمجهي نرگس وانگر سڄي رات ٽڙيل ۽ بيدار رهنديون هيون.

نقل 2: هيڪر حضرت مرشد ڪريم قدس سره فرمايو تہ جيڪي ماڻهو پورهيت ڪم ڪار وارا آهن ، تن ڪي ڪپي تہ جيڪي يارهن مهينن ۾ ڪم ڪار ۽ پورهيو ڪن سو ماهہ رمضان مبارڪ ۾فرحت سان ويهي ڪائن ۽ ڏنڊي جو حرص نہ ڪن، ڇو تہ جيڪو شخص رمضان مبارڪ فرحت ۽ آرام سان گذاريندوتہ ان تي ٻيا يارهن مهينا بہ آرام ۽ جمعيت سان گذرندا.

نقل3 :خليفو ميان لقمان رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ رمضان شريف جي مهيني ۾ سفر منجهہ هئا، ڪين ۽ سندن سموري جماعت ڪي روزو هو، پوءِ ڪنهن شخص سوال ڪيو تہ حضرتا! الله جل جلاله رمضان شريف جا روزا سفر ۾ معاف فرمايا آهن، پوءِ اوهان پاڻ تي ۽ پنهنجي جماعت تي ايتري تڪليف ڇو ٿا پسند ڪيو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ بيشڪ الله تعاليٰ جل جلاله سفر ۾ ادا ڪرڻ کان مهلت ڏني

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آهي يعني قضا ڪرڻ سان بہ ادا ٿي وڃن ٿا. پر ماهہ رمضان شريف جو شرف ۽ پلائي روزي سان آهي متان ٻي ڀيري رمضان شريف نصيب نہ ٿي سگهي. تنهنڪري روزو نہ ٿا ڇڏيون ۽ ٻيو تہ الله تعاليٰ ﷻ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي تہ،

وَ اَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ (البقره: ۱۸۴)

ترجمو:سفر ۾ مهلت هوندي بہ جيڪڏهن روزو رکندؤ تہ بهتر آهي ۽ اسان کي الله تعاليٰ ﷻ سفر ۾ روزي رکڻ جي توفيق عطا فرمائي آهي.

نقل4: ناقل فيروز فقيرنظاماڻي تہ حضرت مرشدڪريم قدس سره فرمايو تہ حضرت غوث الثقلين محبوب سبحاني رضي الله عنه شب قدر بابت فرمايو آهي تہ جيڪڏهن رمضان شريف جو چنڊ جمعي جي رات ڏيکارجي تہ پوءِ شب قدر اٺتيهين تاريخ جمعي رات هوندي۽ جيڪڏهن ڇنڇر رات چنڊ ٻيهي تہ پوءِ ايڪويهين تاريخ جمعي جي رات شب قدر ٽيندي۽ جيڪڏهن آچر رات چنڊ ڏيکارجي تہ ستاويهين تاريخ جمعي رات شب قدرآهي۽ جيڪڏهن سومر رات چنڊ ڏيکارجي تہ اٽويهين تاريخ جمعي رات شب قدرحاصل ٽيندي ۽ جيڪڏهن اڱاري رات چنڊ ڏٺو تہ تہ پنجويهين تاريخ جمعي رات شب قدر ڳولجي جيڪڏهن اربع رات چنڊ ڏيکارجي تہ سترهين تاريخ جمعي رات شب قدر هٿيڪي هوندي ۽ جيڪڏهن خميس رات چنڊ ٻينوتہ پوءِ ٽيويهين تاريخ جمعي رات شب قدر حاصل ٿي سگهندي.ان شاءَ الله تعاليٰ.

نقل5: سندن عادت مبارڪ هوندي هئي تہ جيڪي فقير ڏهاڪي ۾ ويهندا هئا ۽ پوءِ جڏهن عيد جوچنڊ ڏيکاربو هو. تڏهن ڏهاڪي مان نڪري وري ڏهاڪي واري جاءِ ۾ وڃي رهندا هئا. پوءِ پاڻ انهن مان هر هڪ کان سندن جاءِ تي وڃي دعا طلب ڪندا هئا. بلڪ ڪن فقيرن کي پيرن تي هٿ رکي دعا گهرائيندا هئا ۽ حديث کان نقل فرمائيندا هئا تہ حضرت سرورڪائنات نبي ڪريم ﷺ جن حضرت بلال رضي الله عنه ۽ هڪ پوڙهي عورت کان بہ دعا طلب فرمائي اٿن. حالانڪہ الله تعاليٰ ﷻ سندن شان ۾ فرمائي ٿو تہ: "لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ" يعني: حبيب ﷺ توکي نہ خلقيان ها تہ هوند هي آسمان بہ ڪونہ پيدا ڪيان ها. سچ آهي:

"مصطفیٰ جوید ز مسکینان دعا"

نقل6: هڪ ڀيري رمضان شريف ۾ درگاه عرش اشتباه واري مسجد مقدس ۾ فقير ڏهاڪي ۾ وينا هئا ۽ اتي هڪ ٻي ڏي ايندا ويندا هئا. پاڻ اڳين نماز ادا ڪرڻ مهل کين فرمايائون اي يارو! ڏهاڪو هن لاءِ هوندو آهي تہ دل جي جمعيت ۽ خلوت حاصل ٿئي. پوءِ جيڪڏهن هتي هيڪلائي ۾ بہ جمعيت ۽ دل جو آرام حاصل نہ ٿيو تہ پوءِ مرڻ کان پوءِ قبر ۾ ڪيئن جمعيت حاصل ٿيندي.

نقل7 :ناقل خليفو محمود رحمة الله عليه تہ هيڪر رمضان شريف جي مهيني ۾ درگاه مبارڪ تي سندن خدمت ۾ حاضر هوس. پاڻ خير سان اعتڪاف ۾ وينا هئا. پوءِ جڏهن اوٽيهين تاريخ ٿي تڏهن سج لهڻ کان اڳيرو فقيرن کي حڪم فرمايائون تہ اڄ عيد جو چنڊ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي ته ٻيهندو جاچا ڪيوس. فقيرن حڪم موجب

تمام گھٹي ڳولا ۾ ڈسڻ جي کوشش کيائون پر چند نظر کونہ آيو، پاڻ تہ بہ وري فرمايائون تہ اڄ چند رات آهي پر اوهان کي ڈسڻ ۾ نہ ٿو اچي ، سانجهي جي نماز ادا کرڻ کان پوءِ هڪڙو فقير مسجد شريف کان ٻاهر پي ويوتہ اوچتو سندس نظر چند تي پئجي وئي جو تمام سنهڙو ۽ لهڻ کي ويجهو هو ڏوڙندو اچي سائين جن کي خبر کيائين، پوءِ پاڻ جماعت سميت مسجد شريف مان نڪري اچي چند ڏٺائون.

نقل8: جامع ملفوظات ﷺ نقل کري ٿو تہ هيڪر پاڻ رمضان مبارک مهيني جي پوئين ڏهاڪي ۾ ٽيپهري وقت ڏهاڪي واري جاءِ جي دروازي کان وينا هئا ۽ هي عاجز بہ حضور پر نور ۾ وينل هو، پنهنجي طلب جي قصور کان وينی رنم ۽ ڳوڙها ڳاڙيم، پاڻ تہ دلين جي رازن کان واقف هئا سو منهنجي دل جو خطرو سمجهي کري فرمايائون تہ جهڙي طرح اسان ٽي پانيو ائين نہ ٽيو، مون عرض کيو تہ حضرتا! اوهين تہ کريم آهيو پر هي مڙئي منهنجي بي نصيبي آهي، پاڻ فرمايائون تہ اي خليفا! دعا کر تہ اسان جي پٽن مان بہ کو اوهان جهڙو ٽئي.

نقل9: هيڪر پاڻ درگاهہ شريف جي مسجد شريف ۾ رمضان مبارک جي مهيني منجهہ اعتکاف ۾ وينل هئا، پاڻ موليڈني فقير کي دروازي تي ويهاري ڇڈيو هئائون، پوءِ جيکو بہ شخص آيو پي سو مٹئين فقير کان موکلائي پوءِ حضور شريف ۾ حاضر پئي ٽيو، هڪڙي ڈينهن بہ ٽي ماڻهو درگاهہ مبارک جي آس پاس جا زيارت لاءِ وينل هئا ۽ فقير موليڈني کان موکلائي حضور ۾ مشرف ٽيا، پوءِ پاڻ موليڈني فقير کي فرمايائون تہ اسان توکي موکل ڈيڻ لاءِ کونہ ويهاريو آهي بلک ماڻهن جي اچڻ کان حفاظت لاءِ ويهاريو اٽئون، پوءِ انهيءَ ڈينهن خليفو محمود ﷺ لکي ٿو تہ مون بہ سندن خدمت بابرکت ۾ حاضر ٽيڻ لاءِ وڃي موليڈني فقير کي اجازت واسطي چيم، هن فقير مٹين ڳالهہ ٻڌائي مون کي موڪلائي ڇڈيو ۽ چيائين تہ سندن حکم آهي تہ کنهن کي بہ موکل نہ ڈج، مان موڪلي اچي پنهنجي جڳهہ تي وينس، پوءِ ٽيپهري مهل اعتکاف واري جاءِ جي پاسي کان وڃي منتظر ٿي بينس، تڏهن پاڻ منهنجي خبر لهي زبان مبارک سان فرمايائون تہ خليفا! ڈهاڙي ٽي چار پيرا اسان وٽ ايندو آهين اڄ ڇو مقرر عادت ۾ دير کئي اٽئي؟ مون موليڈني فقير واري ڳالهہ سندن خدمت ۾ عرض گذاري،تڏهن پاڻ موليڈني کي چيائون اسان توکي خيال پرستن جي جهلڻ لاءِ ويهاريو آهي نہ طالبن جي جهلڻ لاءِ .

نقل10:هيڪر پاڻ ماه رمضان ۾ ڈهاڪي منجهہ وينل هئا ۽ خليفو محمود ﷺ لکي ٿو تہ مان بہ ڈهاڪي ۾ و ينل هوس ۽ سندن حکم موجب وقت بوقت سندن خدمت شريف ۾ پيو ايندو ويندو هوس، پوءِ هڪڙي وقت سانجهي نماز کانپوءِ سندن خدمت اقدس ۾ حاضر هوس تہ ايتري ۾ سندن طعام آندائون، مان اٽي هلڻ لڳس تہ پاڻ فرمايائون تہ ويهہ اسان سان گڏجي ماني کاءُ. مون عرض کيو تہ حضرتا! انهيءَ ڳالهہ کري اعتکاف ۾ ٻيهر اچڻ کان تکليف لڳندي، تڏهن پاڻ مرکي فرمايائون تہ اچڻ ۾ کوبہ قصور يا بهانو نہ کرڻ کپي، ٻئي پيري توهان کي طعام کائڻ جي تکليف نہ

ڏينداسون هينئر ويهي کاءُ،پوءِسندن فرمودي موجب ويهي کاڏم، سندن آيل طعام جوئر جا ڪوهر ۾ ٻه مانيون سنهيون جوئر جون، دال جو ٻوڙ ۾ ٿوري لسي ٻه هئي ،پاڻ پهريان ڪجھ ڪوهر کاڏائون ۾ پوءِ ٻي طعام مان ٻه ٿورو کاڏائون.

نقل11: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته هڪڙو فقير حضرت مرشد ڪريمن جي مريدن مان کهڙن جي ڳوٺ کان اچي لنگهيو، جنهن ۾ قاضي محمد عاقل رهندو هو قاضي صاحب کي تن ڏينهن ۾ حضرت پير سائين جن قدس سرہ ۾ سندن فقيرن جي جماعت لاءِ ڪجھ دل ۾ بغض ۾ ڪدورت هوندي هئي، اتفاقاً ان فقير کي قاضي صاحب جا ڪي شاگرد مليا ۾ پڇيائونس ته ڪلمو ڪنهن تي پڙهندو آهين ؟ فقير چيو ته پنهنجي پير تي پڙهندو آهيان . طالب علمن چيس ته ڪلمو پڙھ، فقير جيئن ڪلمو شريف آهي تيئن پڙهي ويو،ڪٿابين وڃي اها ڳالھ مخدوم جي ڪنين وڌي ، تنهن تي مخدوم فقير کي پاڻ وٽ گهرائي چيائينس ته ڪلمو ڪيئن ٿو پڙهين؟ فقير جواب ڏنو ته لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صلی اللہ علیہ وسلم. مخدوم پوري طرح ۾ صحيح ڪلمو شريف پڙهيل ٻڌو ته ٻه پنهنجي اندرجي بغض کان ان فقير کي تعذير ڏياريائين ۾ گڏھ تي چاڙهي شهر ۾ ڦيرايائين. حالانڪ رمضان شريف جو مهينو هو ۾ ان فقير کي روزو ٻه هو، پوءِ جڏهن فقير کي چڏيائون تڏهن درگاھ مبارڪ تي اچي حاضر ٿيو ۾ سموري ڳالھ اچي خدمت اقدس ۾ عرض رکيائين حضرت صاحب زادي مسند نشين قدس سرہ کي ان ڳالھ جي ٻڌڻ سان ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۾ فقير کان پڇيائين ته تو ڪلمو ڪيئن پڙهيو هو؟ فقير عرض ڪيو ته سائين جيئن ڪلمو شريف آهي تيئن پڙهيو هو، رڳو اندر جي ڪارائي کان ناحق مون کي تعزيز ڏنو اٿن، انهيءَ ڪري کين انهيءَ معاملي بابت بدلي ونڻ جو محڪم خيال ٿي بينو ۾ فرمايائون ته حضرت مرشد ڪريم جن ته رضا ۾ تسليم جا صاحب آهن مگر اسين مُلن کي فقيرن جو بدلو هرگز ڪونہ چڏيندا سين اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون ته اي بابا! هينئر رمضان شريف جو مهينو آهي فقير خدا جا طالب گهٽن هنڌن کان اچي گڏ ٿيا آهن جيڪڏهن هتان درگاھ کان ٻاهر هلنداسون ته طالبن جو ذوق قبض سان مٽجي ويندو،تنهن ڪري هن وقت انهيءَ ڳالھ کي اتي موقوف ۾ بند رکڻ گهرجي، باقي رمضان شريف گذرڻ کان پوءِکين انهيءَ بابت پوري طرح سزا ڏني ويندي ،هن وقت رمضان شريف جو ذوق اسان کان ضايع نہ ڪرايو. پوءِ جڏهن رمضان شريف گذري ويو تڏهن پاڻ وري ان بابت کاٻہ يادگيري کانہ فرمايائون، بلڪ سندن مطلب ان وقت رڳو ڳالھ جو ٽارڻ ۾ جهيڙي ۾ شدت جو وڃائڻ هو۾ بس.

باب ٻيون

هن ۾ پنج فصل آهن:

فصل پهريون
حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي متابعت بابت

نقل1: هڪڙي وقت پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان اسان کي توفيق ڏني آهي جو جيڪر سموري جماعت کي ٻوڙ ٻلاءُ ڪري عمدي ماني پيا کارايون ، پر انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جي سچن طالبن۾ پيٽ پالڻ وارن ماڻهن جو فرق ظاهر نه ٿي سگهندو، تنهن ڪري فقر فاقن تي قناعت ڪئي وئي چو ته حديث شريف ۾ وارد ٿيل ته "اَلْجُوْعُ طَعَامُ اللهِ" يعني بک الله تعاليٰ جو طعام آهي ۽ ٻيو ته فاقن ڪيڻ ۾ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي متابعت به آهي، تنهن ڪري بک کي بهتر ڄاتو ويو.

اي عزيز! هيءَ حديث به ان تي شاهد آهي "اَلْفَقْرُ فَخْرِيْ وَالْفَقْرُ مِنِّيْ" يعني فقيري منهنجو فخر آهي ۽ فقيري مون کان آهي يعني منهنجي متابعت آهي.

نقل2 : هيڪر پاڻ فرمايائون پئي ته هڪڙو بزرگ نقشبندي بزرگن قدس الله اسرارهم مان هو (جنهن جو نالو پڻ پاڻ ورتو هئائون، مگر جامع ڪتاب کي ياد نه رهيو آهي) جنهن جي عادت مبارڪ هوندي هئي ته سمهڻ وقت سنت جي متابعت لاءِ هميشه ڪعبة الله شريف ڏانهن منهن ڪري سمهندو هو، تنهن کي هڪ رات سمهڻ ۾ ڪعبة الله شريف ڏي منهن ڪري سمهڻ وسري ويو، پر جڏهن ياد آيس ته يڪدم اٿي وينو ۽ مسنون طريقي سان وري ڪعبة الله شريف ڏي منهن ڪري سمهي پيو، انهي حالت ۾ ڪيس الله تعاليٰ جي طرفان الهام ٿيو سنت جي بجاءِ آوري ڪري توکي ،۽ تنهنجي مريدن کي ۽ تنهنجي مريدن جي مريدن کي به قيامت جي ڏينهن تائين بخشي ڇڏيم.

نقل 3 : سيد مرتضيٰ شاهه رهندڙ ڪچ ديهه پانڌڻ جو، جو اها بندر لکپت جي ديهن مان هڪ ديهه آهي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فقيرن جي جماعت سميت مسجد شريف جي پترن لاءِ ڪانا وڍڻ درياءَ جي پڪ هليا، آءُ به سندن خدمت شريف ۾ حاضر هوس وات تي پاڻ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي فرمايائون : حضرت نبي اڪرم ﷺ جن اصحابن سڳورن سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي پنڌ ڪرڻ فرمائيندا هئا، اڄ اسين به سندن متابعت ڪيون ٿا، ائين فرمائي منهنجي هٿ ۾ هٿ ڏيئي اڌ ڪوهه ڪن پنڌ ڪندا هليا.

نقل4: خليفو لقمان رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته خليفو غازي خان وينڊ ڳوٺ ٺري پر ڳٺي روپاهه جو ڳالهه پيو ڪري ته هيڪر سفر ۾ آءُ ۽ حاجي جعفر هڪ ٻئي جي ڪنڌ ۾ هٿ وجهيو سندن سواري جي

سڪندريه پبليڪشنز ، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گھوڙي اڳيان تکا تکا پئي وياسون وات تي پاڻ گھوڙي تکو ڪري اڇي پھتا ۽ فرمايائون تہ اھڙي طرح ڳچيءَ ۾ پانھون وجھي ھلڻ بہ حضرت نبي اڪرم ﷺ جي سنت جي متابعت آھي اسان کي پڻ اوھان متابعت جي ريس ڏياري ڇڏي، پوءِ غازي خان ٿو چوي تہ مون کي فرمايائون تہ اي غازي خان! تون اڇي اسان جي گھوڙي تي چڙھ تہ اسين ۽ حاجي جعفر ھڪ ٻئي جي ڪنڌ ۾ پانھون وجھي پيادا ھلنداسون ۽ سنت نبوي ﷺ جي متابعت ڪنداسون پر آءٌ ادب ڪري نہ ٻينس پاڻ فرمايائون تہ اتي ٻيھ نہ تہ جھڙي سزا جو لائق آھين انھيءَ سان ٻيھاريو ويندين ۽ پوءِ پاڻ گھوڙي تان لھي پيا ۽ مون کي فرمايائون تہ گھوڙي تي چڙھ، آءٌ سندن حڪم موجب گھوڙي تي چڙھيس .پاڻ حاجي جعفر سان گڏ ھڪ ٻئي جي ڪنڌ ۽ ڪلھن تي پانھون رکي تکا تکا روانا ٿي ويا.

نقل5 : خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ لکي ٿو تہ ھيڪر مون سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! مون ڪنھن ڪتاب ۾ ڏٺو آھي تہ حضرت غوث الثقلين رضی اللہ عنہ جي طعام تيار ڪرڻ لاءِ رڳو ستن دڪن تي پنجيتاليھ رپيہ خرچ اڇي ويندا ھئا، اھڙو لطيف طعام استعمال فرمائيندا ھئا ۽ سندن فرمودو ھو تہ طعام لطيف جي ڪائڻ سان تمام لطيف ۽ باريڪ ڳالھيون ۽ اسرار اسان تي ظاھر ٿا ٿين، جيڪڏھن سائين جن بہ لطيف ۽ عمدو طعام تيار ڪرائن تہ ڏاڍو چڱو.پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ سندن فرمودو سچ ۽ برحق آھي پر متابعت سنت جي سادي خوراڪ ۾ آھي جا سيني ڳالھين کان وڌيڪ لطيف ۽ اعليٰ آھي تنھن ڪري اسان کي سادگي تمام دل پسند آھي.

نقل6 : خليفو اميد علي نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ رستي سان پي آيا، اڳ ۾ سندن سواري جو گھوڙو ھو ۽ سندن ڪڍ خان محمد فقير ٽالپر جو گھوڙو تنھن ڪانپوءِ منھنجو گھوڙواتفاقاً وات تي ھڪڙو وڻ سامھون آيو، پاڻ ان وڻ جو اولھندو پاسو ورتائون ۽ فقير خان محمد اوپرندي پاسي کان آيو ۽ مان سندن پوئتان پي آيس تہ پاڻ تکڙو گھوڙو ڪاھي فقير خان محمد کي ويجھا ٿي فرمايائون السلام عليڪم! تڏھن منھنجي دل ۾ خيال آيوتہ جيڪر آئون بہ وڻ جي ھن پاسي کان اچان ھا تہ ھوند مونکي بہ السلام عليڪم چون ھا، منھنجي انھيءَ واھمي اچڻ شرط فرمايائون تہ خليفا توتي بہ السلام عليڪم آھي ۽ھي رڳو پيغمبر ڪريم ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جي متابعت لاءِ ڪيوسون جو جيڪڏھن وات ھلندي ڪنھن وڻ يا ٻي شيءَ جي اوٽ ٿيندي ھئي تہ اوٽ لھڻ شرط ھڪ ٻئي کي سلام ڏيندا ھئا انھيءَ سنت جي بجا آوريءَ لاءِ ميان خان محمد کي السلام عليڪم چيوسون.

نقل7 : سيد مرتضيٰ شاھ رھندڙ ديھ پانڌ جو نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ اسانجي ڳوٺ تشريف فرما ٿيا پوءِ منھنجي چاچي ميان عبدالجليل شاھ جو لواري وارن بزرگن يعني مخدوم محمد زمان قدس سرہ اللہ جو مريد ھو،خدمت سڳوري ۾ عرض گذاريائين تہ حضرتا! سائين جن جا مريد مٽي جا وار ڪونہ ٿا ڪوڙائين ،تنھن جو ڇا سبب آھي؟ پاڻ فرمايائون تہ ھڪڙو مسخرو شخص فرعون وٽ رھندو ھو سو پاڻ کي حضرت موسيٰ عليہ السلام جھڙو شباھت ۾ ڪري مٽن ٽوڪون ڪندو ھو ،جيئن حضرت

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

موسيٰ لڌ هڏ مبارڪ ۾ ڪندا هئا يا لباس پهريندا هئا يا ويهندا هلندا هئا يا ڳالهائيندا هئا هو به اهڙي طرح لڌ هڏ ۾ ڪري لباس پهري ويهندو، هلندو، ڳالهائيندو ۽ مٽن ٽنولیون ڪندو هو پوءِ جڏهن فرعون غضب الٰهي ۾ گرفتار ٿيو ۽ پنهنجن تابعن سميت نيل درياءَ ۾ غرق ڪيو ويو، تڏهن ڏٺائون ته مسخرو ٻڏڻ کان بچي ويو آهي ۽ صحيح سلامت ڪناري تي ٻينو هو. تڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جي درگاهه ۾ عرض ڪيو ته يا الٰهي ! جيڪي ايذاءَ ۽ تڪليف مونکي هن مسخري کان پهتي آهي ايتري فرعون کان به کائه پهتي اٿم تڏهن به هي ٻڏڻ کان سلامت بچيل آهي تنهن جو ڇا سبب؟ مٿان امر ٿيو اي موسيٰ! توڙي هي شخص مسخرو ۽ خراب شخص آهي پر توسان مشابهت ڪندو هو ۽ تون اسان جو دوست آهين پوءِ ان کي آءٌ ڪيئن ٻوڙيان جو منهنجي دوست جي شڪل جهڙي شڪل ڪندو هو. اهو نقل ڪري پاڻ شاهه صاحب کي فرمايائون ته جڏهن اهڙو موذي مسخرو به رڳو حضرت موسيٰ عليه السلام جي ظاهري متابعت ڪري ٻڏڻ کان ڇڏي ويو، تڏهن حضرت سيد المرسلين ﷺ جي متابعت ڪندڙ کي ڪهڙو نه ذوق شوق سان انعام اڪرام عطا فرمايو ويندو.

نقل8: خليفو محمود ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر آءٌ درگاهه شريف حاضر ٿيڻ لاءِ ڳوٺان روانو ٿيس ۽ مون سان عنايت فقير ذات جو اڏيجو وينل ڳوٺ علي پور ڪناري گوني واهه جو به رفيق هو، سندس مٽي تي مهري دار دستار جيئن عام جاهل ماڻهن جي رسم هوندي آهي ٻڌل هئي، مون واٽ تي گهٽو ئي ڪيس سمجهايو ته اهڙي دستار ٻڌڻ اسان جي مرشد معظم جو طريقو نه آهي، دستار سنت طريقي سان ناهي ٻڌ. پر مون کي جواب ڏنائين ته مان ضعيف انهيءَ دستار جي لائق نه آهيان پوءِ جڏهن سائين جن جي حضور انور ۾ اچي حاضر ٿياسون تڏهن آءٌ ته وڃي قدمبوسي سان مشرف ٿيس باقي عنايت فقير روبرو ڪونه آيو، اهو فقير هو به سندن خاص مريدن مان هو، مگر سندن عادت هوندي هئي پري کان بيهي زيارت فيض بشارت ڪندو هو ، باقي روبرو حضرت پير سائين جن جي هڏ ۾ هڏ ڪونه ڏيندو هو. پاڻ هڪڙي دفعي مسجد شريف ۾ عنايت فقير جي پير ۾ اچي بينا جو سندن اچڻ جي ڪنهن کي به خبر ڪانه پئي، پاڻ اتي بيني فرمايائونس ته عنايت فقير! جاهلن وانگر چو دستار ٻڌي اٿئي؟ شايد اسان جي لباس کان توکي لڄ ٿي يا عيب ٿو سمجهين؟ هن فقير تمام عاجزيءَ ۽ نياز سان عرض ڪيو حضرتا! آءٌ ان جي لائق نه آهيان ، پاڻ فرمايائونس ته نه توکي عار ٿو ٿئي هن ويچاري عرض ڪيو ته سائين مان لائق نه آهيان پوءِ جڏهن ٿئين ڀيري به پاڻ ساڳيا لفظ فرمايائونس تڏهن انهيءَ وقت پٽڪو مٽي تان لاهي سنت موجب دستار ناهي ٻڌائين.

نقل 9: هيڪر پاڻ فرمايائون ته اهل ظاهر جا عالم چوندا آهن ته تسبيح سڄي هڏ ۾ ڪرڻ ڪپي ۽ لڌ ڪپي هڏ ۾. هي عجب جهڙي ڳالهه آهي ته تسبيح جا بدعت آهي تنهن لاءِ سڄي هڏ ۾ ڪرڻ پيا ٻڌائين ۽ لڌ ڪٽڻ جا سنت آهي، تنهن لاءِ وري ڪهو هڏ ٽا مقرر ڪن . پر اسين ٽا چئون ته ان جي ابتڙ هلڻ لازم آهي جيئن ته لڌ سڄي هڏ ۾ ڪرڻ ڪپي ۽ تسبيح ڪپي ۾.

نقل10 : هيڪر سندن درگاھ مبارڪ تي رهندڙن مان هڪ ڪوري شخص نماز تي دير ڪري آيو، جو نماز تي جماعت سان نہ پهتو هو.تنهن تي پاڻ ڏاڍا مٺس ڪاوڙيا ۽ رنجش سان ٿي پيرا ڪيس فرمايائون اسين تنهنجو گهر وڃي ٿا ساڙيون نہ تہ توبہ ڪر تہ وري نماز جماعت سان گڏجي پڙهڻ ۾ قصور نہ ڪندين. خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿوتہ مان سندن ڪاوڙ مان عبرت پذير ٿيس تہ ڪيترو نہ جلال سندن ذات مبارڪ تي اچي ويو آهي جو ڪوريءَ کي ٿا فرمائن تہ وڃي ٿا تنهنجو گهر ساڙيون ، پوءِ ڪيتري وقت کان پوءِ هڪڙي حديث مبارڪ ۾ ڏٺم تہ هيڪر حضرت نبي اڪرم ﷺ بہ اهڙي طرح هڪري اصحابي سڳوري کي اهي ئي لفظ فرمايا هئا تہ وڃي ٿا تنهنجو گهر ساڙيون جو انهي اصحابي سڳوري بہ نماز تي اچڻ ۾ دير ڪئي هئي.

جان جسم مصطفی بود آن امام
زان سبب یک قول فعل آمد تمام
هر که خواهد سیرتش را آگهی
گو شمائل را بخوان در صبح شام

يعني : حضرت مرشد معظم پيشواءِ هدايت جو جسم توڙي جان ساڳيو حضور ﷺ جو جان ۽ جسم هو ، انهيءَ ڪري سندن قول ۽ فعل حضور ﷺ جن جي قول ۽ فعل سان هڪ هو ، جيڪو سندن هلت چلت کان واقف ٿيڻ گهري تہ ان کي 'شمائل نبوي' سانجهي صبح مطالعو ڪرڻ گهرجي ڇو تہ ساڳئي سندن اخلاق هئا جي شمائل ۾ حضرت محمد ڪريم ﷺ جا اخلاق ڄاڻايل آهن.

نقل 11: پاڻ فرمائيندا هئا نبي ڪريم ﷺ جن جي روش مبارڪ هوندي هئي تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنان ڪنهن بہ ڳالهہ بابت سوال پڇندو هو تہ گهڙي ڪن فڪر ۽ ويچار فرمائي پوءِ سندس سوال جو جواب ڏيندا هئا ۽ جواب ڏيڻ ۾ تڪڙ هرگز نہ فرمائيندا هئا ۽ پير سائين قدس سرہ اللہ فرمايو تہ ماڻهو کي ڪنهن بہ ڪم ۾ تڪڙ هرگز نہ ڪرڻ ڪپي ۽ ڪنهن پڇا ۾ تڪڙو جواب نہ ڏجي ڇو تہ تڪڙ شيطان جو ڪم آهي. جيئن تہ حديث شريف ۾ وارد ٿيل آهي تہ:

اَلتَّأَنِّيْ مِنَ اللهِ وَالْعَجَلَةُ مِنَ الشَّيْطَانِ

يعني: آهستگي الله تعاليٰ جي طرفان آهي ۽ تڪڙ شيطان جي طرفان آهي .

نقل12: خليفو اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ مسجد شريف مان ٻاهر نڪتا ٿي پوءِ پهريان دروازي کان سڄو پير ڪيڏي وري اندر ڪٽي رکيائون ،ان کان بعد پهريان کپو پير دروازي کان ٻاهر رکيائون پوءِ سڄو پير ڪڍيائون. ڇو تہ متابعت سنت حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي انهيءَ ۾ آهي تہ داخل ٿيڻ مهل اول سڄو پير اندر رکجي ۽ نڪرڻ ويل اڳ ۾ کپو پير ٻاهر ڪڍجي پوءِ سڄو .

نقل13: هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ تلهار کان سوار ٿيا،ڪنهن ٻي فقير جي دعوت تي پي اسريا،

سواري ويل مڪئي ۽ جوئرجا ڦلا جماعت واسطي خريد ڪرايا هئائون. ميان غازي خان ٽالپر کي ورهائڻ لاءِ ڏنائون ،جنهن سموري جماعت ۾ تقسيم ڪيا، پاڻ به پنهنجو حصو پاند ۾ ونڊي سواري ۾ ئي ڪائيندا آيا ۽ زبان وحي ترجمان سان فرمايائون ته هي به متابعت آهي.

نقل 14: هيڪر پاڻ ملا موتيل ڊڪڻ کي فرمايائون ته حديث شريف ۾ ڏٺو ويو ته هڪ پيري حضرت نبي اڪرم ﷺ جن ڪجي جي پيالي ۾ قارورو (يعني پيشاب) فرمايو اٿن.هينئر اوهين هڪ ڪجي جو پيالو اسان کي ٺاهي ڏيو ته انهيءَ سنت جي به متابعت بجا آندي وڃي.

نقل15 :خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٻڌايو ته هيڪر آڻ ۾ ميان سلطان فقير نظاماڻي گڏجي درگاهه مبارڪ تي سندن خدمت اقدس ۾ حاضر ٿياسون ،تن وقتن ۾ سندن حضور مبارڪ ۾ ٻاهرين مسافرن فقيرن مان ڪو هڪ به حاضر ڪونه هو، پوءِ پاڻ فرمايائون ته هن کان اڳ اسان جي دل ۾ خيال آيو ته فقيرن جي اڇڻ ۾ حاضر ٿيڻ ۾ الائي ڇو دير ٿي آهي. پر پوءِ حديث ۾ نظر آيو ته هڪ پيري حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي حضور ۾ هڪ به اصحابي سڳورو حاضر ڪونه هو. پوءِ دل کي اطمينان ۽ تسلي حاصل ٿي ته هي به متابعت هئي.

نقل16: هيڪر پاڻ سڳورن قدس سرہ اللہ وعظ ۾ پي فرمايائون ته دستار جيڪڏهن مسجد ۾ ٻڌجي ته ته ويهي ٻڌجي ۽ جيڪڏهن مسجد شريف کان ٻاهر ٻڌجي ته اٿي بيهي قبلي کي سامهون ٿي ٻڌڻ کپي ۽جي هروپرو ويهي ٻڌڻي هجيس ته به ٻه ٿي وڪڙ ضرور اٿي بيهي ورائي ڇو ته سنت جي تابعداري انهيءَ ۾ آهي.

نقل17: هيڪر قاضي محمد جوکهڙن واري قاضي محمد عاقل جو ٻاءُ هو،سندن حضور ۾ آيو سندس مٿي تي مهريدار دستار ٻڌل هئي پوءِ جڏهن موڪلائي ويو ، تڏهن پاڻ فرمايائون ته عجب آهي ته هي بزرگ جيتوڻيڪ ظاهري علم ۽ متابعت سنت جي کان واقف آهن ، تنهن هوندي به مسنون ڪم جي ويجهو نٿا اچن ۽ رسمن جي تابعداري کين سنت نبوي ﷺ کان محروم ۽ مايوس پئي رکي، حالانڪ هي به پڪ آهي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي ۽ بهبودي حاصل ٿيڻ متابعت کان سواءِ محال آهي .

نقل18: خليفو اميد علي نقل ڪري ٻڌو ته هيڪر پاڻ حديث شريف کان بيان فرمايائون ته جيڪڏهن ڪو شخص حضرت سرورڪائنات ﷺجن جي حضور پر نور ۾ ڪو ڪپڙو نذراني طور پيش ڪندو هو ته پوءِ جيڪڏهن ڪپڙو سبتو هوندو هو ته پاڻ استعمال فرمائيندا هئا ۽ جيڪڏهن ابتو هوندو هو ته ان کي هرگز پنهنجي جسم مبارڪ تي نه پهريندا هئابلڪ ٻي کي عطا ڪري ڇڏيندا هئا.

اي عزيز !جڏهن ته حضرت سرور ڪائنات ﷺجن جي نبوت ختم نبوت آهي ۽ سندن دين جي ڪوٺ سڀ انبياءڪرام عليهم السلام جي دعوت دين کان اعليٰ ۽ اڪمل آهي.تنهن ڪري سندن حضور پر نور ۾ ور وڪڙ يا ابتائي وغيره کي ڪو به دخل نه هو، تان ته ڪپڙي جي ابتائي ٿورڙي ڳالهه آهي سا به سندن درگاهه مبارڪ مان مطرود ۽ خارج ٿيل هئي. اهوئي سبب آهي جو ٻين انبياءڪرام عليهم السلام جو معراج دنيا جي جهتن ۽ پاسن (جيئن ته مڇيءَ جو پيٽ يا وڻ وغيره) ۾ واقع ٿيو۽

سندن ذات بابرڪات جو معراج عرش ڪرسيءَ کان مٿي ڪمال الڪمال ، الطف جهتن، پاسن ۽ ور وڪڙن کان پاڪ هو ۽ انهيءَ طرح سندن دين متين ۾ ورن وڪڙن کان صاف ۽ ظاهر باطن ۾ سنئون سڌو آهي. جيئن ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته:

وَ اِنَّكَ لَتَهْدِيْۤ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (الشوريٰ: ۵۲)

ترجمو: اي پيغمبر ڪريم ﷺ! تون سنئين ۽ سڌي رستي ڏانهن ماڻهن کي هدايت ڪرين ٿو.

نہ بشر خوانمت اے دوست نہ حور و نہ پری
ایں ہمہ بر تو حجاب است تو چیزے دگری

يعني: اي دوست توکي نہ ماڻهو چئي سگهان ٿو نہ حور ۽ نہ پري ، هي مڙوئي توتي پردو آهي حقيقت ۾ تون شيءِ ٻي آهين.

نقل19: هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر دوران حيدرآباد ۾ سيد مقبول شاهه واري مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، جڏهن ڪين اصل کان ونڻي ڪري توڪل ۽ترڪ مرغوب ۽ مطلوب طبيعت هوندا هئا، تنهن ڪري جيڪا ۽ گفتگو هلندي اسرار الٰهي جي موتين سان ٻڌندڙن جي قلبي ڪنن وارين سپن کي زينت بخشي پي ڪيائون تنهن ۾ سندن گوهر افشاني توڪل ۽ ترڪ بابت پي هلي، تنهن تي سيد مقبول شاهه، خواجه عبيدالله احرار قدس سره ۽ حضرت سليمان عليه السلام جو گفتگو وچ ۾ آندو تڏهن پاڻ فرمايائون ته برابر اهڙا ۽ نبي سڳورا ۽ اولياء ڪرام آهن جن کي ظاهري اسباب موجود هئا پر اسان کي نبي اڪرم ﷺ کانسواءِ ڪنهن جي ۽ قول فعل ڏي نهارڻو نہ آهي ڇوتہ اسان کي جڏهن سندن قرب ۽ محبت زياده مطلوب آهي، تڏهن سندن ئي پيروي کي ونڊو اٽڻون ٻين سان اسان جو ڪهڙو واسطو؟

نقل20 :جڏهن پاڻ پوئين بي خوشائي ۾ گهٽا بيمار ٿيا هئا،تڏهن خميس جي ڏينهن منجهند جي وقت هڪڙي فقير هٿن مبارڪن جي آڱرين جا ننهن پي ورتا، پاڻ انهيءَ ڏينهن گذرڻ بعد جمعي رات وصال فرمايو هئائون ۽ انهيءَ وقت ۽ مٿن اهڙو استغراق ۽ ڪمال علالت هئي جو ظاهري ڪري هن دنيا جي ڪنهن ۽ ڪم ڪار جي سڌ ڪانہ هين. بلڪ اکيون مبارڪ پوريون آرام منجهہ سمهيل هئا، پوءِ جڏهن اهو فقير پهريان چيڇ کان ننهن ونڻ لڳو، حالانڪ مسنون ترتيب موجب اشهد آڱرڪان شروع ڪرڻ کپي تڏهن پاڻ يڪدم چيڇ ڪنانس ڇڏائي اشهد آڱر ڪيس اڳتي ڪري ڏنائون ۽ پوءِ ۽ اهڙي طرح سيئي آڱريون مسنون طريقي سان ڪيس ڏيندا ويا. حالانڪ سندن اکيون مبارڪ انهيءَ ئي ريت پوريل ۽ پاڻ استغراق جي ٽپ ۾ هئا.

اي عزيز! سندن استقامت ۽ سنت نبوي تي هوشياري ايتري قدر هئي جنهن جي حد هي ناقص عقل پروڙي نہ سگهندو.

نقل21 : هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي روش مبارڪ هوندي هئي ته ڪهڙو

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بہ ڪٽي عمدو طعام يا ڪاڏي پيتي جي ڪا سٺي شيءِ ميسر ٿيندي هئي تہ پاڻ الله تعاليٰ جي درگاھ ۾ انهيءَ ڪان افضل ۽ اعليٰ واسطي سوال ڪندا هئا. پر جيڪڏهن ڪير موجود ٿيندو هو تہ پاڻ ان ۾ برڪت ۽ زيادتي بابت دعا گهرندا هئا. باقي ڪير ڪان وڌيڪ سٺي شيءِ نہ طلبيندا هئا.

نقل22: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ڏاڙهيءَ جي ڊگهي ڇڏڻ جي حد مسنون هڪ مٺ جو قدر آهي. ۽ پاڻ بہ هڪ مٺ ڪان زياده محاسن مبارڪ قصر ڪرائيندا هئا.هڪڙي ڏينهن ڪنهن فقير جي ڏاڙهيءَ مان هڪ مٺ ڪان زياده حصو پنهنجن هٿن مبارڪ سان ئي ڪتري ڇڏيائون. ۽ مٿي جي وارن بابت فرمائيندا هئا تہ رڪائٽ ۽ ڪوڙائن ٻئي سنت آهن ليڪن پاڻ ڪريمن ﷺ جن حج جي موقعي ڪانسواءِ ڪڏهن بہ مٿو مبارڪ نہ سنواريو اٿن.

نقل23: هيڪر پاڻ حديث شريف ڪان نقل پي فرمايائون تہ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي روش مبارڪ هوندي هئي تہ ڏهاڙي صبح جو حرم محترم ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا تہ پڇندا هئا تہ ڪاڏي لاءِ ڪجهہ موجود آهي؟ پوءِ ڪڏهن موجود هوندو هو تہ ڪائيندا هئاءِ جيڪڏهن موجود نہ هوندو هو تہ فرمائيندا هئا :"اَنَا صَائِمٌ" يعني آءٌ روزائٽ آهيان. مطلب تہ عدم موجودگي مهل پاڻ روزي جي نيت ڪٽي ڪندا هئا.

نقل24: هيڪر پاڻ ريگستان يعني ٿر ملڪ جي سفر ۾ ڪنهن فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا پوءِ انهي فقير ماني ڪائڻ مهل ٻاجهري جو پٽ جنهن ۾ گيهہ گهٽو پيل هو ۽ ٻوڙ ۽ ڏونرو بہ اڇي حاضر ڪيائين، پاڻ ٻاجهري جي ڏاري ۾ ڏونرو ۽ ٻوڙ بہ ڪٽي گڏيائون ۽ ملائي پوءِ فرمايائون تہ هن طعام کي عرب ۾ 'ثريد' يعني ڪٽي سڏيندا آهن. پوءِ حديث شريف مان بيان آندائون تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ حضرت ام المؤمنين بي بي عائشه رضی اللہ عنہا (جا سندن حرم محترم هئي) جي پلائي ساري جهان جي زالن تي اهڙي آهي جهڙي ثريد کي سيني طعامن تي.

نقل25 : صاحبزادي والا تبار ميان هدايت الله شاهہ قدس سرہ کان منقول آهي تہ هيڪر پاڻ مير رستم خان پٽ مير سهراب خان ٽالپر وٽ خيرپور ۾ تشريف فرما ٿيا هئا.اتفاقاً قاضي محمد عاقل کهڙن وارو بہ انهيءَ مجلس ۾ حاضر هو.مير رستم خان قاضيءَ کان پڇيو تہ مخدوم صاحب!حضرت نبي ڪريم ﷺ جي دستار مبارڪ جي بندش ڪهڙي شڪل تي هئي؟ قاضي جواب ڏنو تہ قبي جي طرح. مير رستم حضرت پير سائين جن جي دستار شريف ڏي نگاهہ ڪري قاضيءَ کي چيائين تہ هن وانگر؟ قاضيءَ جواب ڏنو تہ اهڙي طرح نہ هئي بلڪ قبي وانگر هئي. تڏهن پاڻ قاضيءَ ڏانهن نظر ڪري فرمايائونس تہ اي بزرگ! حضرت نبي ڪريم ﷺ جن بہ نماز ادا فرمائيندا هئا تون بہ نماز پڙهين ٿو، پوءِ تنهنجي نماز حضرت سرور ڪائنات ﷺ جي نماز جهڙي آهي يا نہ؟ اتي قاضي لڄي ٿيو ۽ چيائين تہ حضرتا! نہ.

نقل26 : هيڪر پاڻ فرمايائون تہ جڏهن مينهن وسندو هو تڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جنهن هنڌ هوندا هئا اتان نڪري جسم مبارڪ کولي اچي ٻاهر بيهندا هئا، پوءِ جڏهن مينهن جا قطرا سندن

جسم مبارڪ تي پوندا هئا ،تڏهن پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان هي لفظ فرمائيندا هئا: ''هٰذَا قَرِيْبٌ مِّنْ عَهْدِرَبِّيْ''يعني هي مينهن منهنجي پروردگار جي زماني کان ويجهڙو ٿو اچي.

خليفو محمود رحمة الله عليه ٿو لکي ته حضرت پير سائين قدس سره جن بہ متابعت موجب مينهن جي وسڻ مهل اهڙي ريت ڪندا هئا ۽ شوق ۽ محبت جي غلبي کان حديث شريف وارا مٿيان لفظ هر هر زبان مبارڪ سان فرمائيندا هئا. جن جي ٻڌڻ سان حاضر مجلس ماڻهن کي اهڙو ته ذوق شوق پيدا ٿيندو هو جو چوڻ لکڻ کان ٻاهر آهي.

نقل27 : ناقل فيروز فقير نظاماڻي ته هيڪر پاڻ فرمايائون پئي ته ظاهري عالمن کي حضرت نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي متابعت جي سڪ اصل کانہ آهي، جو جيڪي متابعتي ۽ مسنون ڪم آهن تن جي بالڪل پرواهہ نہ ڪندا آهن ۽ اتباع سنت جهڙي دولت کان محروم رهجي ويندا آهن.جيئن ته حضرت نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن نماز جي قراءت ۾ جيڪا سورت شروع فرمائيندا هئا ته اها سموري پوري ڪندا هئا ۽ ائين ڪڏهن ڪونہ ڪندا هئا جو ڪنهن سورت جو منڊ، وچ يا پڇاڙي پڙهي ڪٽي بس ڪن. هڪڙي وقت فجر جي نماز ۾ پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وسلم جن بقر سورت شروع فرمائي هئائون ته هڪڙي ئي رڪعت ۾ پوري ڪئي هئائون ۽ ڪڏهن بہ آيتن جي پڙهڻ تي اڪتفا نہ فرمائي اٿن. ۽ ظاهري عالم رڳو نماز جي جائز ٿي وڃڻ جي ڪري، جو فقهي مسئلو آهي متابعت جي سعادت کان محروم پيا رهن.

نقل 28: ناقل يعقوب فقير ڏيٿو ته هيڪر پاڻ درگاهہ مبارڪ واري مسجد شريف ۾ سانجهيءَ نماز لاءِ بانگ اچڻ کان پوءِ فرمايائون ته اي يارو! اڄ حضرت پيغمبر ڪريم صلى الله عليه وسلم جي متابعت ادا ڪنداسون ايئن فرمائي فرض نماز ادا ڪرڻ کان اڳ بن رڪعتن نفل نماز لاءِ تڪبير هنيائون.شهر وارن جماعتين مان جيڪو پيو اچي سو پڇي پيو ته فرض پڙهجي ويو ڇا؟ پوءِ جڏهن پاڻ نفل پڙهي فارغ ٿا تڏهن جماعت سان گڏجي فرض ادا فرمايائون پڙهڻ کان بعد فرمايائون ته اها بہ حضرت پيغمبر صلى الله عليه وسلم جي سنت آهي،جو هيڪر پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم سانجهيءَ جي بانگ کان پوءِ نفل ادا فرمايو هئائون،پوءِ جيڪو بہ اصحاب سڳورو پيو اچي سو پڇي پيو ته نماز فرض ادا ٿيو آهي ڇا؟ الحمدلله جو اها متابعت بہ پوري ٿي.

نقل29: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن رڪوع ۾ تسبيح کان پوءِ بعض وقتن ۾ ڪن ماڻهن لاءِ خير جي دعا گهري اٿن ۽ ڪن ماڻهن جي حق ۾ بد دعا بہ گهري اٿن.اسين بہ اڄ رڪوع ۾ متابعت جي پوري ڪرڻ لاءِ فلاڻن ماڻهن جي حق ۾ خير جي دعا گهرنداسون پوءِ پاڻ اهي لفظ بہ ٻڌايائون جي حديث شريف ۾ دعا لاءِ آيل آهن. پر ناقل ٿو چوي ته مون کي وسري ويا آهن. انهن لفظن سان پاڻ رڪوع ۾ دعا گهريائون ۽ انهيءَ بابت حديث شريف مان نقل بيان فرمايائون ته جن شخصن جي حق ۾ پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وسلم جن نماز ۾ رڪوع کان بعد بد دعا گهري هئائون تن جو قصو هن ريت آهي

تہ هڪڙو شخص ڪوهستاني[1] يعني جبل جو رهاڪو شڪل جو سهڻو ۽ ڳالهائڻ جو چالاڪ خوش زبان سندن حضور مبارڪ ۾ آيو. پاڻ ڪيس اسلام جي دعوت ۽ تبليغ ڪيائون.ان شخص عرض ڪيو تہ اسين پاڻ ۾ وڏو قبيلو ۽ مائٽ مٽ گهٽا آهيون،جيڪڏهن ۽ تي اصحاب سڳورا هن غلام سان گڏجي هلن ۽ڪين تبليغ ڪن ۽ حضورجن جو پيغام پهچائن تہ اهي ۽ سائين جن جي برڪت سان مسلمان ٿي پوندا ۽ هي غلام ۽ ساڻن گڏجي اسلام آڻيندو ۽ جي هتڙي بنا اطلاع جي مسلمان ٿيندس تہ مائٽن جي عتاب هيٺ ايندس. پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جن سندن عرض موجب ست ڇڻا اصحابي سڳورا جي تمام عالم فاضل ۽ حافظ هئا، سي ان سان ساڻ ڪري موڪليائون. هن نالائق، اصحابن سڳورن کي ڏوڪو ڏئي وڻي وڃي پنهنجي ديهہ ۾ ڳوٺ جي پرسان شهيد ڪرايائين. اِنّاللهوانا اليه راجعون. باقي جن لاءِ خير جي دعا نماز ۾ گهري اٽن تن جو قصو ۽ حضرت پير سائين جن ٻڌايو هو مگر ناقل کي وسري ويو.[2]

نقل30: ناقل بچل فقير مگڙيو تہ هيڪر مينهن فقير جو سائين جن جو مريد هو، پنج ڪن ٻڪرين جا حضور مبارڪ ۾ نذراني طور آندا. پاڻ فرمايائون تہ هنن ٻڪرين کي ڪتب نہ آڻجو ڇو تہ ٻيون ۽ ڪجهہ ٻڪريون گڏ ڪري ڏنارپ جي متابعت سنت جي بجا آوري ڪندا سون.

نقل31 : ناقل خليفو غلام حسين تہ پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص کي نئين ڪپڙي پائڻ يا ٻئي سبب ڪري مبارڪ ملي تہ جواب ۾ آمين يا سلامت چوڻ کپي.

نقل32: ناقل خليفو سيد غلام حسين تہ هيڪر ڪنهن سفر ۾ سندن حضور پر نور ۾ حاضر هوس.پوءِ جڏهن طعام آندائون،تڏهن مان پنهنجا هٿ آڳرين جي سنڌي تائين ڏوتا.پاڻ منهنجا هٿ پنهنجن هٿن مبارڪن ۾ وڻي ٻئي هٿ ڪاراين تائين ڏوئاريائون،ا فرمايائون تہ ايتري قدر هٿ ڏوئڻ نبي ڪريم ﷺ جي سنت آهي. پوءِ وري فرمايائون تہ جيڪو شخص ٿورڙا هٿ ڏوئندو تہ سندس طعام ۾ برڪت ڪانہ پوندي ۽ ان کان سواءِ هٿ ۽ عجب جي علامت آهي ۽ جيڪو شخص سمورا هٿ ڏوئندو تہ ان جي طعام ۾ برڪت پوڻ کان علاوه تڪبر کان ٻہ خالي رهندو.

نقل33 : خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ لکي ٿو تہ مونکي حضرت مرشد ڪريم قدس سرہ جي متابعت ڪري هميشه عادت هوندي هئي تہ هميشه وضوءَ سان رهندو هوس ۽ سمهڻ مهل ٻہ وضو ڪري پوءِ سمهندو هوس پوءِ اٽڪل پنجويهن سالن گذرڻ کان بعد انهيءَ عادت ۾ ڪجهہ سستي واقع ٿي وئي جيئن تہ بعض وقتن ۾

---

[1]. شايد هي واقعو بير معونه وارو آهي جنهن ۾ چاليهہ اصحاب سڳورا، ۽ ڪن روايتن ۾ ۷۰ شهيد ٿيا هئا ۽ انهيءَ شخص جو نالو اُبو برّاءُ بن مالڪ آهي. سندس ڳوٺ نجد جي علاقي ۾ هو. والله اعلم بحقيقة الحال. مترجم عفي عنه

[2].. بخاري شريف ۾ آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ کان رڪوع کان سنئين ٿيڻ يعني قومي ۾ وليد، سلمہ بن هشام، عياش بن ابي ربيعہ رضي الله عنهم ۽ ٻين مستضعفين يعني انهن ماٺهن لاءِ جي مڪي شريف ۾ ڪافرن جي ظلم ۾ گرفتار هئا ۽ هجرت نہ پي ڪري سگهيا، تن لاءِ دعا گهري اٽن. والله اعلم (مترجم عفي عنہ)

بي وضو سمهڻ جو اتفاق پئجي ويو ٿي. انهي ڪري دل ۾ ڊپ پيدا ٿي پيو ته اهڙي مخالفت جي عادت ڇا جي ڪري پيدا ٿي پئي آهي. نيٺ جڏهن پاڻ لاڙ جي سفر ۾ ٽنڈي مير جام ٽالپر ۾ تشريف فرما ٿيا تڏهن آءٌ به سندن خدمت فيض موهبت ۾ وڃي حاضر ٿيس جڏهن سومهياڻي کان پوءِ سائين جن جي سمهڻ جو وقت ٿيو تڏهن پاڻ پيشاب جي خيال سان اٿيا ۽ وَتُ ساري بنا وضوءَ ڪرڻ جي آرام فرمايائون. تڏهن مون خدمت شريف ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! سائين جن جي عادت مبارڪ ته بنا وضوءَ جي سمهڻ جي ڪانه آهي هينئر اهڙي طرح روش ڏٺم ان جو ڇا وجه آهي؟ پاڻ فرمايائون ته حديث شريف ۾ نظر آيو اٿئون ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن بعضن وقتن ۾ بنا وضوءَ جي آرام فرمايو اٿن. تنهنڪري متابعت لاءِ انهيءَ روايت تي عمل ڪيو ويو. اتي منهنجي پريشاني به لهي وئي ۽ تسلي حاصل ٿي.

نقل 34: هيڪر پاڻ فرمايائون ته سنت نبوي ﷺ جي متابعت جي پلاين جي ڪا حد حساب ڪونهي بلڪ شمار کان زياده آهن جيئن ته باطني فائدو اهو حاصل ٿيندو جو محبوب حقيقي جي وصال واري نعمت بي مثال کان مشرف ٿيندو ۽ جڏهن ته طلب جو خلاصو به منجهس اچي وڃي ٿو تنهنڪري سنت تي استقامت رکندڙ ظاهري مرضن کان به امن ۽ حفظ ۾ رهندو. جنهن مان صاف معلوم ٿو ٿئي ته سنت جي متابعت سان ظاهري باطني سيني مرضن ۽ تڪليفن کان محفوظ رهي سگهي ٿو.

نقل35: خليفو ميان لقمان رحمه الله نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ ڪاريان ڳوٺ ۾ اچي لٿا هئا ۽ طهارت ڪرڻ لاءِ جهنگ ڏانهن اسريا جو اتان ست پنڌ تي هو ۽ آءٌ به سندن ڪڍ ڪونرو ڪٽي ويس. مينهن جي مُند هئي. جهنگ ۾ ويا سون ته اچي مينهن شروع ٿيو. مون پنهنجي چادر ڪين پسڻ کان بچاءِ لاءِ ڏڻي سا ويڙهيائون ۽ ڪمال مهرباني سان مونکي به پاڻ سان گڏ چادر ۾ ڍڪي فرمايائون ته مينهن ڏاڍو وسڻ لڳو آهي جلد پوئتي موٽڻ کپي. پوءِ جڏهن اوطاق تي آياسون ته اتي به مينهن کان حفاظت جو پورو بندوبست نه هو. ڇت ٽمي رهي هئي. پاڻ سيني فقيرن کان ڪپڙا ونڻي پنهنجي آڏو رکيائون جو باقي رڳو هينيون ڪپڙو سندن جان تي هو پيا سپ لاهي ڏنائون. پاڻ هڪڙو ولائتي باراني ڪوٽ پنهنجي مٿان وجهي ڪپڙا به سپ ان ۾ محفوظ ڪيائون ۽ مينهن جي وسڻ تائين ڪٽ تي اهو باراني ڪوٽ وجهيو وينا هئا جڏهن مينهن بينو تڏهن مون خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! مينهن جي ڪري سموري زمين گپ لڳي پئي آهي نماز جي ادا ڪرڻ لاءِ ڪهڙي صورت ٿيندي؟ جواب ۾ فرمايائون ته حديث شريف ۾ آهي ته هيڪر حضرت نبي ڪريم ﷺ جي وقت ۾ مينهن ونو جنهن ڪري زمين تي گپ ٿي پئي. حضرت ابابڪر صديق رضي الله عنه ارادو ڪيو ته ڪٽان مٿي ڪڍي سجدي جي جاءِ تي رکان ته گپ کان بچاءُ ٿئي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته 'اڄ پنهنجي پروردگار کي گپ ۾ سجدو ڪنداسون'. اها حديث بيان ڪري پاڻ فرمايائون ته اسين به اڄ متابعت لاءِ پنهنجي رب کي گپ ۾ سجدو ڪنداسون پوءِ ٻاهر نڪري گپ ۾ جماعت سميت نماز ادا فرمايائون جو سجدي ڏيڻ مهل سندن منهن مبارڪ وات ۽ سونهاري مبارڪ سپ گپ سان ڀرجي پي پيا.

نقل36: خليفو محمد ملوك،خليفي سلطان فقير كان نقل ٿو كري ته هيكر آءٔ درگاهه مبارك تان موكلائي ڳوٺ پئي آيس. پاڻ موكل ڏئي فرمايائون ته خليفي (يعني جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ) كي اسان جا دعا سلام ڏج ۽ چئجوس ته اسان جي حق ۾ خير جي دعا گهري.خليفي سلطان چيو ته مون خدمت ۾ عرض گذاريو ته حضرتا! هي جهان سمورو سائين جن جي ذات بابركات كان دعا طلب آهي اوهان خليفي توڙي اسان سيني دامن وٺندڙن مريدن سان دعا جو توجه مبارك شامل فرمائيندا .جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ لكي ٿو ته اي عزيز! ٻانهي كي كهڙي طاقت جو حضرت اقدس لاءِ دعا كرڻ جو دم هٽي سگهي. پر هي رڳو سندن سهڻي روش هوندي هئي جو سنت جي متابعت لاءِ انهن فقيرن جي جماعت كان گهٽي عاجزي سان دعا طلبي فرمائيندا هئا . جي صفه وارن اصحابن سڳورن وانگر پنهنجي زال عيال ٻچا ٻار ڇڏيا كيون ۽ دنيا جا سڀ تعلقات ڇنيون پنهنجي مولىٰ سائين عزاسمه جي طلب ۾ مسجد شريف جي كنڊ منجهه ويهي بك ڏك ۾ به پنهنجي محبوب حقيقي لاءِ رات ڏينهن ذكر فكر ۽ طلب ۾ مشغول رهندا هئا.

مولانا رومي قدس سرہ فرمايو آهي ته، ''مصطفی جويد ز مسكينان دعا''

يعني: فقيرن مسكينن كان حضرت پيغمبر كريم صلی اللہ علیہ وسلم به دعا طلب فرمائن ٿا.

نقل37: خليفو اميد علي نقل ٿو كري ته هيكر خليفي ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ توكل جي باب ۾ سندن خدمت سڳوري ۾ عرض كيو ته حضرتا! وات چورڻ به ته كائيندڙ جي اختيار ۾ آهي پوءِ كيئن كجي؟ پاڻ سندس گوڏي تي هٿ مبارك هٽي فرمايائون ته اي بزرگ! مقصود پنهنجو امام جي متابعت آهي. ۽ توكل به اها آهي جا امام يعني حضرت سرور كائنات امام الموجودات صلی اللہ علیہ وسلم جي متابعت جي موافق هجي. جيئن شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي ته،

بزهدو ورع كوش صدق و صفا
وليكن ميفزای بر مصطفی صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم

يعني:زهد،رياضت، پرهيز ۽ صفائي ۾ بلاشك كوشش كر، پرحضرت پيغمبر كريم صلی اللہ علیہ وسلم كان وڌائي زيادتي نه كج.

نقل38 : خليفي ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ كان منقول آهي ته اوائلي وقتن ۾ حضرت مرشد كريم قدس سرہ جي روش مبارك هوندي هئي ته جيكو شخص نئون مريد ٿيڻ سندن حضور ۾ ايندو هو ته، ان كان هنن ٽن شرطن تي بيعت وٺندا هئا.۱. ته تلقين وٺڻ شرط دنيا جو ترك كندو، جو جيكي صبح جو اچيس سو سانجهيءَ تائين نه ركي ۽ جيكي سانجهيءَ جو اچيس سو صبح تائين نه بچائيندو بلك خيرات ڏيئي ڇڏيندو. ڇو ته حضرت نبي كريم صلی اللہ علیہ وسلم جي وقت ۾ صفه وارن اصحابن سڳورن جو اهو دستور هوندو هو.۲. ته دستار ننڍي ٻڌندو جهڙي طرح مسنون طريقو آهي اهو شرط هن لاءِ ورتو پي ويو جو سندن

وقت ۾ عام ماڻهن ۾ تمام وڏي پٽڪي ٻڌڻ جو دستور هو. ۳. ته جيڪي سندس مٽ مائٽ هن طريقي سان مشغول ۽ سلسلي ۾ شامل ٿيل نه هجن تن سان متي نه ڪندو بلڪ سگهن جو ڏيڻ ونڻ پنهنجن هم مرشد عزيزن ۾ ڪندو ڇو ته اهو خالص دين محمدي آهي ﷺ. پوءِ جيڪو شخص اهي ٽئي شرط قبول ڪندو هو ان کي طريقہ عاليہ ۾ داخل فرمائيندا هئا. ڪيترائي ماڻهون اهڙي طرح سلسلي مقدس ۾ بيعت پذير ٿي اچي داخل ٿيا. نيٺ هڪڙي ڏينهن حضرت محقق مدقق قبلہ گاهہ سيد ميان عبدالرسول شاهہ قدس سره جوحضرت پير سائين قدس سره جن جو وڏو پاءُ هو سندن خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! جيڪا پهرين ٻن شرطن بابت اوهين بيعت ونو ٿا سا نهايت چڱي آهي. باقي جيڪا غير طريقي وارن ماڻهن سان ڏيڻ ونڻ جي جهل بابت بيعت ونو ٿا سو شرط ڪيڏي ڇڏيو. ڇو ته هن وقت ته سيڪو ماڻهو جوش جي پاران جيڪو اچي ٿو سو انهيءَ شرط تي بيعت قبول ڪري ٿو وڃي پر اڳتي هلي انهي شرط تي ڪار بند رهڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. ڇو ته ساداتن کي امتين سان گڏجڻ يا پروچن کي سنڌين سان متي ڪرڻ بالڪل سخت لڳندي. پاڻ اها ڳالهہ ٻڌي صلاح پسند فرمايائون ۽ اهو شرط موقوف ڪري ڇڏيائون. باقي پهريان ٻہ شرط قائم رکيائون جي اڄ ڏينهن تائين قائم هليا اچن ٿا.

نقل39: الهداد فقير نظاماڻي نقل ٿو ڪري ته هيڪر درگاه شريف تي حاضر هوس ۽ حضرت پير سائين قدس سره جن مسنون طريقي موجب سانجهيءَ نماز جي فرض ادا ڪرڻ کان بعد سنت جي ادا ڪرڻ لاءِ اندر حاويلي ڏانهن اسريا ۽ اها سندن هميشہ روش هوندي هئي ته سنت ۽ نفل اندر ادا فرمائي پوءِ وري مسجد شريف ۾ تشريف آڻيندا هئا. ان ڏينهن ٻہ اندران ٽي وري موٽي مسجد شريف ۾ آيا. ۽ خليفي ميان حسن شاه رحمۃ اللہ علیہ کي فرمايائون ته حسن شاهہ! تون مُلان ٿيو آهين چا؟ جو توحيد جو ڪلمو جو فرض ڪانپوءِ ڏهہ ڀيرا پڙهڻ متابعت آهي سو تون سنت ڪان پوءِ ٿو پڙهين؟ شايد قابل شاهہ جي چوڻ تي لڳو آهين؟ ميان قابل شاهہ سندس اهو فرمودو ٻڌي ورتو ۽ ڏاڍيان چوڻ لڳو ته حضرتا! مان ڪيس ڪو نہ ڇيو آهي. بلڪ آءُ ته پاڻ ٻہ فرض ڪان پوءِ پڙهندو آهيان. تڏهن خليفي ميان حسن شاهہ عرض ڪيو ته حضرتا! مون ٻہ فرض ڪان پوءِ پڙهيو هو. پاڻ فرمايائونس ته ڪوڙ نہ ڳالهاءِ ،اسان توکي ڏڻوسون جو دعا گهرڻ شرط اٽي سنت پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويو هئين. الهداد فقير ٿو چوي ته انهيءَ ڏينهن سندن اهو تاڪيد ڪلمن پڙهڻ بابت ٻڌي وري ڪڏهن ٻہ انهن جو ترڪ ڪونہ ڪيو ويو آهي. پاڻ انهيءَ تي هڪ نقل ٻہ متابعت جي فضيلت بيان فرمايو هئائون پر هن بندي کي ياد نہ رهيو آهي.

نقل40: هيڪر پاڻ سياري جي موسم ۾ ڪنهن ديهہ ۾ لٽل هئا. موليڏني فقير سائين جن جي وضو سارڻ جي جاءِ باهہ جي پرسان ٺاهي ڇڏي پر جاءِ اهڙي هئي جو قبلي ڏي سامهون ٿي ويهي وضو ساري نہ پيو سگهجي. حالانڪہ سندن عادت مبارڪ هوندي هئي جو سنت جي متابعت موجب هميشہ قبلي کي سامهون ٿي وضو سارينداهئا. وضو ڪرڻ مهل موليڏني فقير انهيءَ ڳالهہ بابت کين عرض گذاريو پاڻ فرمايائون ته سنت جو ترڪ نہ ڪنداسون پوءَ باهر نڪري ٽڏ ۾ وضو ساريائون.

نقل41: حاجي فقير نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ صبح جي نماز تي ڪجھ دير فرمائي آيا. پر ايان سج اپرڻ ۾ قدري دير هئي، پاڻ وقت ۾ نماز پڙهي فارغ ٿيا ان کان پوءِ مراقبي ۾ وينا. اتي خان فقير لوهر جو حضرت پير سائين جن جي مريدن مان هو، تنهنکي مراقبي منجھ ئي دل ۾ نماز جي دير ٿيڻ بابت تردد ۽ ويچار اچي پيو.سندس دل ۾ خيال ايندي ئي پاڻ منهن مبارڪ تان ڪپڑو لاهي فرمايائون تہ هيڪر حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن صبح جي نماز ۾ ايتري قدر دير فرمائي هئائون جو اڄا ڪپي پاسي ڏي سلام ورائي فارغ ٿيا هئا تہ سج ڪني ڪڍي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اسان کي بہ انهيءَ وقت جي انتظار ۾ ساري عمر گذري وئي پر اڄ تائين حاصل نہ ٿي سگهيو آهي.

نقل42 : هيڪر پاڻ درياءَ جي هن طرف آباد جي شهر ۾ تشريف فرماٿيا هئا.تن ڏينهن ۾ هندوئن ونڊي مشهور ڪيو هو تہ ڪو اٺ هنيو واقعو ٿيٽو آهي،پوءِ جڏهن پاڻ اتي آيا تڏهن تمام گهٽا ماڻهو طريقي مبارڪ ۾ داخل ٿي ذڪر سان مشغول ٿيا. وري اتان جتوئي فقيرن جي ڳوٺ ۾ آيا تہ اتي بہ بالڪل گهٽا ماڻهو طريقہ عاليہ ۾ داخل ٿيا. وري اتان خليفي صابر جي دعوت تي خالد جي ديهہ ۾ آيا اتي تہ ايترا ماڻهو ذڪر جي تلقين ونڊڻ ۽ دست بيعت ٿيڻ لاءِ اچڻ لڳا جو پنجن وقتن نماز ڪانسواءِ بين نفلن وغيره جي فرصت ڪين ڪا نہ پئي ملي سگهي. جڏهن اڌ رات جي وقت پاڻ مريدن جي تلقين کان واندا ٿيا تڏهن خليفي صابر خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! فقيرن جي سموري جماعت ماني کاڌي آهي باقي سائين جن لاءِ بہ طعام ٿانون ۾ ڪڍي رکيو اٿئون ۽ حاويليءَ جا ماڻهو بہ زيارت لاءِ منتظر وينا آهن. پوءِ پاڻ اندر اسريا ۽ طعام کائڻ ۽ زيارت ڪرائڻ کان پوءِ موتي اچي مقرر ذڪر جي تلاوت ۽ نماز جي ادا ڪرڻ ۾ مشغول ٿيا پوءِ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا، تڏهن آرام ڪرڻ لاءِ بستري مبارڪ تي اچي سمهيا ۽ خليفي محمد عابد رهندڙ صوپي ديري جي کين زور پي ڏنا. ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! هينئر جو ماڻهن هندوئن کان اٺ هنئي واقعي پوڻ جي ڳالهہ ٻڌي آهي تنهنجي ڊپ کان مريد ٿيڻ تي زور رکيو اٿن. پاڻ جواب ۾ فرمايائونس تہ اي بزرگ! ايئن ناهي بلڪ هي مڙيوئي متابعت ۽ سنت جي بجا آوري جو ڦل ۽ نتيجو آهي. جو اسين پهريان سنت نماز بہ فرض سان گڏ مسجد شريف ۾ ادا ڪندا هئاسون. پوءِ حديث شريف ۾ نظر آيو تہ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي روش مبارڪ هوندي هئي تہ سنت گهر ۾ ئي پڙهندا هئا. انهيءَ کان پوءِ متابعت جي لاءِ اسان بہ سنت گهر ۾ پڙهڻ شروع ڪئي. هي نتيجو انهيءَ متابعت جو آهي جو سنت تي استقامت ڪري الله تعاليٰ اسان کي هتي ئي فائدو پهچايو آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ فرمايو آهي:

وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ۝ فَإِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَأْوٰى (النّٰزعٰت: ۴۱-۴۰)

ترجمو: جنهن شخص پنهنجي نفس کي نفساني خيالات کان روڪي رکيو تہ (دنيا توڙي آخرت ۾) ان لاءِ بهشت جاءِ ٽڪڻ جي آهي.

يعني هن دنيا ۾ ئي سندس فائدو ڏسندو پوءِ جيئن آخرت ۾ جيڪو شخص پوڪيندو تہ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حديث شريف جي ارشاد موجب انهي ئي ڏينهن ۾ ان جو ڦر حاصل ڪندو تهڙي طرح اسان کي به متابعت ۽ استقامت جي پوڪ مان دنيا ۾ ئي بهره وري حاصل ٿي آهي. يعني الله جي مخلوق جو ذڪر سان مشغول ٿيڻ ۽ سلسلي عاليه ۾ داخل ٿيڻ.

نقل43 : خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر تان پوئتي موٽيا هئا ۽ آئون به واٽ تي اچي قدمبوسي کان مشرف ٿيس. جڏهن درگاهه مبارڪ جي ويجهائي ۾ آيا تڏهن رات ٿي وئي هئي. پاڻ هڪ موچي شخص جي دعوت تي درياءَ کان پار ترسي پيا ۽ فرمايائون ته حديث شريف ۾حڪم آيل آهي ته جيڪڏهن سفر ۾ ڪچ ڏينهن لڳي وڃن ته پنهنجي وطن ۽گهر ۾ صبح جي وقت اچڻ کپي. پوءِ پاڻ صبح جي وقت درگاهه مبارڪ ۾ تشريف فرما ٿيا.

نقل44: عبدالله فقير ابڙو رهندڙ ديهه جکيجي واقع پرڳٽي ڏڪ کان منقول آهي ته هيڪر پاڻ روزن جي مهيني ۾ ٽر وارن فقيرن جي دعوتن تي تشريف فرما ٿيا هئا. آءُ، فقير آئل ۽ پيا به پنج فقير انهيءَ سفر ۾ اٺ،ويهڻ ۽ڪائڻ پيئڻ منجهه پاڻ ۾ گڏ هئاسون. پوءِ هڪڙي ڏينهن مون کي ۽ آئل فقير کي گهرائي فرمايائون ته اصحابن سڳورن جي روش هوندي هئي ته اٺ،ويهڻ ۽ ڪائڻ ،پيئڻ ۾ ڏهه ڏهه جڻا گڏجي رهندا هئا. توهان پاڻ ۾ ست جڻا آهيو. اسين ، موليڏنو فقير ۽ محبت فقير ٽالپر اوهان سان گڏجي ڏهه جڻا ٿا ٿيون ۽ ڪائڻ پيئڻ ۽ رهڻ ۾ گڏ هونداسون.بي به سموري جماعت کي حڪم فرمايائون ته ڏهن ڏهن جڻن جون ٽوليون ناهي ڇڏين ڇو ته اصحابن سڳورن جي اهائي روش هئي.

نقل45: خليفي ميان غازي خان کان منقول آهي ته هيڪر پاڻ درياءَ جي پار باگڙجي جي آس پاس تشريف فرما ٿيا هئا.اتي هڪڙي شخص هڪڙو گدرو نذراني طور حضور ۾ پيش ڪيو. پاڻ حاجي اوباهيي کي فرمايائون ته پيسا موجود هجن ته وڃي ڪجهه کارڪون وٺي آءُ ته فقيرن کي گڏي ورهائي ڏيون ۽ سنت ادا ڪيون ڇو ته حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن کان اهڙي طرح روايت آيل آهي.

نقل46: خليفي ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪيو ۽ خليفي ميان محمود رحمۃ اللہ علیہ کي به سندس بيان ڪرڻ کانپوءِ يادگيري آئي ته هيڪر رمضان شريف جي مهيني ۾ فاقي جوگهٽو زور هو. جو اڪثر ڏينهن ۾ طعام ڪونه ملندو هو. ۽ به ٽي ڏينهن بک ۾ گذري ويندا هئا جيئن ته عيد جو ڏينهن به فاقي ۾ ئي گذريو. حضرت پير سائين جن جو وجود مبارڪ به لاغر ٿي پيو. جڏهن عيد نماز ادا ڪري آياسون ۽ پاڻ مسجد شريف ۾ ڪٻڙ جي هيٺان اچي ويٺا. تڏهن خليفو لقمان رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته مون سندن خدمت ۾ عرض گذاريو ته حضرتا! مون ڪنهن ڪتاب ۾ ڏٺو آهي ته خواجه محمد معصوم قدس سرہ جي وقتي ڪاڏي تي چاليهه روپيه خرچ ٿيندا هئا. ۽ طعام ڪائڻ کان پوءِ خواجه صاحب جن فرمائيندا هئا ته هن لطيف طعام جي ڪائڻ ڪري ڏاڍي ترقي حاصل ٿئي ٿي. پاڻ جواب فرمايائون ته توهين طعام لطيف چا کي چوندا آهيو؟ اسان چپ ٿي وياسون. پاڻ فرمايائون ته جي طعام لطيف ٻوڙ پلاءَ ۽ حلوو چئجي ته پوءِ سهراب ٽالپر کي ڏاڍي ترقي حاصل ٿئي ها. پر اهو طعام لطيف نه آهي. بلڪ طعام لطيف چئبو آهي بک کي.

جنهنڪي 'طعام العاشقين' سڏيو ويو آهي ۽آهي به مسنون. پوءِ فرمايائون ته اقتدا ڪرڻ سان جماعتي جي نماز امام جي پويان درست ٿيندي پر جي امام جي اقتدا ۽ پيروي ڪان منهن موڙيندو ته نماز درست ڪانه ٿيندس. اسان کي به بهرحال پنهنجي امام يعني حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي متابعت ڪرڻ پسند پيل آهي.

نقل47: خليفي ميان لقمان رحمة الله عليه ڪان نقل ٿيل آهي ته ڪنهن شخص تاج ٽوپيءَ بابت جو عام طرح عامي ماڻهن ۾ سندس رواج هو پڇا ڪئي ته درست آهي يا نه؟ پاڻ فرمايائون ته جيڪي ماڻهو انهيءَ ٽوپيءَ کي قادري ٽوپي سڏيندا آهن تن جي ڳالهه غلط آهي. انهيءَ ٽوپيءَ جو اصل هن ريت آهي ته فرعون کي مٿي ۾ سنگ جهڙي هڪ شيءِ پيدا ٿيل هئي. انهيءَ عيب جي لڪائڻ لاءِ اها ٽوپي ٺهرائي مٿي ۾ پاتي هئائين ته سنگ نه ظاهر ٿئي. ماڻهن کي ڪپي ته فرعوني لباس نه ڪن بلڪ مسنون پوشاڪ پهرن. پاڻ ڪريمن ﷺ جن دستار مبارڪ گنبذ دار يعني گول قبي جهڙي ٻڌي اٽن ۽ ٽوپي ڏٻي ۽ ڪڏهن ايڏي وڏي ٽوپي به پاتي اٽن جو ستري لاءِ به آڏو رکي اٽن. ۽ مولهاڻو به ٻڌو اٽن ۽ قادري ٽوپي اٽ جي ٽوهي وانگر ٽيندي آهي.

نقل48: خليفي ميان لقمان رحمة الله عليه ڪان نقل ٿيل آهي ته هيڪر پاڻ پار سفر تي هليا ۽ هيءُ عاجز به سندن رڪاب فيض انتساب ۾ شامل هو. ۽ پاڻ انهيءَ سفر ۾ سنت جي متابعت لاءِ به ڪجاوا حرمن سڳورن جا به ساڻ رکيا هئائون. هڪڙي ڏينهن وات تي سج لٿو پاڻ هڪڙي واهه جي پر تي نماز سانجهيءَ جي ادا فرمايائون ۽ ايتري ۾ ڪجاوا جي پوئتي هئا سي به آيا. پاڻ فقيرن کي فرمايائون ته توهين واهه لنگهي اڳتي هلو ته اسين ڪجاوا لنگهايون. حڪم موجب جماعت اڳتي رواني ٿي پاڻ سومهياڻي جي وقت منزل تي اچي پهتا. پي ڏاڙي وات هلندي صاحبزادي سڳوري ميان مهدي شاهه کي اهڙي اڄ لڳي جو قريب المرگ ٿي پيا. پاڻي بلڪل ڪونه هو جنهن ڪري سندن قلب مبارڪ تي گراني ٿي پئي. فيروز فقير نظاماڻي کي فرمايائون ته اي فيروز! گهوڙو ڊوڙائي ڪاڏئون پاڻي آڻ. فيروز فقير گهوڙي ڊوڙائي پري پنڌ ڪان پاڻي آڻي صاحبزادي کي پياريو. تڏهن ڪين جمعيت ٿي. پاڻ فرمايائون ته هي تڪليف ۽ اڄ جي سختي رڳو هن ڪري پهتي جو سانجهي نماز ادا ڪندي تڪڙ ڪري هڪ مسنون نفل وسري ويو هو سون هيءَ انهيءَ جي جزا آهي.

نقل49: خليفي ميان لقمان رحمة الله عليه ڪان نقل ٿيل آهي ته هيڪر مون سندن حضور پر نور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪڏهن ستڻ به ڪئي آهي يا نه؟ پاڻ فرمايائون ته هيڪر پاڻ بازار مان ستڻ مبارڪ ٺهرائڻ لاءِ ڪپڙو خريد ڪيو هئائون. هڪڙي اصحاب عرض ڪيو ته حضرتا! ڪپڙو مونکي ڏيو ته ڪنيون هلان. پاڻ ڪريمن ﷺ جن ڪين ڪپڙو نه ڏنو ۽ پاڻ ڪٽي آيا. باقي هن ڳالهه جي چٽائي نه ٿيل آهي ته پاڻ ستڻ پاتي اٽن يا نه؟ ڪي چون ٿا ته پاتي ڪانه اٽن مگر پسند فرمائي اٽن.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٻيو
عزيمت يعني شرعي احڪام ۾ احتياط پاران
رخصت کي ڇڏڻ ۽ پرهيزگاري بابت

نقل1: هيڪر پاڻ نقل فرمايائون تہ حضرت حاتم اصم رحمۃ اللہ علیہ جي نياڻي پنهنجي گهر اڳيان ڏيئو ٻاري ان جي روشنائيءَ ۾ ست وينی کتيو تہ اتفاقاً اتان شهر جو حاڪم اچي لنگهيو. وٽس هڪ بتي تمام روشن هئي ،جنهنجي روشنائيءَ تي بي بي صاحبہ ٻہ چار تندون تکڙ ۾ کتي ورتيون. ٻن ڏينهن کانپوءِ سندس دل ۾ اچي خيال ۽ تردد پيدا ٿيو. اتان جي عالمن پرهيزگارن کان سوال پڇائي موڪليائين تہ ٻہ چار تندون حاڪم شهر جي بتيءَ جي روشنائيءَ ۾ کتيون اٿم ۽ اهي تندون ٻئي ست سان گڏجي ويون آهن هينئر انهيءَ ست بابت ڇا حڪم آهي؟ عالم سڳوري موڪليل ماڻهو کان پڇيو تہ هي مسئلوڪنهن پڇايو آهي؟ ان چيو تہ حاتم اصم جي نياڻي،عالم چيو تہ ائين ڪيس اهو ست استعمال ڪرڻ درست نہ آهي.

نقل2: هيڪر پاڻ حاجي ايوب رحمۃ اللہ علیہ (جو چوٿين واسطي سان حضرت پير سائين جن جي مرشدن مان آهي) جو نقل ٿي فرمايائون تہ ڪنائس وڏي پٽ سوال پڇيو تہ اهل ظاهر جا فقہ جي ڪتابن ۾ لکن ٿا تہ ٽن ڏينهن جي فاقي کان پوءِ حرام کائڻ درست ٿي پوي ٿو سا ڳالهہ پوري آهي يا نہ؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ درست نہ آهي. تڏهن نينگر وري پڇيو تہ علماءَ ظاهري متواتريعني سيئي اتفاق سان فتويٰ ڏين ٿا تہ درست آهي. پاڻ وري ٻہ جواب ۾ فرمايائون تہ درست نہ آهي. ٿي پيرا ائين سوال ٿيو چوٿين پيري کاوڙ سان فرمايائونس تہ اي پٽ! معلوم ٿو ٿئي تہ تنهنجي حرام سان ڏاڍي دل آهي ،تنهن ڪري خدا تعاليٰ مون کي تنهنجي گهران شل پاڻي ٻہ نہ پيارينڊو.پاڻ انهيءَ پنهنجي واعدي تي اهڙا محڪم رهيا جو وري پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن ٻہ سندس گهر مان هڪ پاڻيءَ جو ڊڪ ٻہ نہ پيتائون.

نقل3: هيڪر پاڻ نقل فرمايائون پئي تہ هڪڙو شخص امام اعظم رضی اللہ عنہ جي خدمت ۾ آيو ۽ مسجد شريف جي ٺاهڻ لاءِ ڪجهہ خرچ جو سوال ڪيائين. پاڻ گهڙي کن سندس سوال کان اداس ۽ غمگين ٿي ويا. ٿوري دير کان پوءِ سوال جي اجابت لاءِ لاچار هڪڙو دينار کيس آٽي ڏنائون. ڪجهہ مدت گذرڻ بعد اهو شخص موٽي امام صاحب جي خدمت ۾ آيو ۽ اهو دينار جنسي موٽائي آٽي امام صاحب جي اڳيان رکيائين ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! اوهان جي دعا جي برڪت سان مسجد شريف جي تعمير لاءِ ٻئي هنڌان گهٽو خرچ حاصل ٿي ويو ۽ سائين جن جو ڏنل دينار بچي پيو سو موٽائي آندو اٿم. امام صاحب وڏي خوشيءَ سان اهو دينار ان شخص کان ونی کٹي رکيائون. ان شخص جي وڃڻ کان پوءِ حاضر ماڻهن امام صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! دينار ڏينڊ مهل اوهان جي

طبيعت تي گراني پي ڏني ۽ هينئر موتي ملڻ تي اوهان جي طبع مبارڪ تي فرحت ۽ خوشيءَ جو اثر پيو ظاهر ٿئي تنهنجو ڪهڙو سبب؟ امام صاحب جواب ۾ فرمايو ته منهنجو دينار حلال وجه مان حاصل ٿيل هو ان کي پاڻيءَ ۾ متي يعني اڏوات جي ڪم ۾ خرچ ڪرڻ اسان کي سخت پي لڳو. جڏهن موتي آيو تڏهن شڪرانو ڪيوسون ته الله تعاليٰ اسان جي حلال وجه جي دينار کي پاڻيءَ ۾ متيءَ ۾ خرچ نه ڪرايو. حديث شريف ۾ آيل آهي ته،

إذا لَمْ يُبارَكْ لِلرَّجُلِ فِيْ مَالِهٖ جَعَلَهُ فِي الْمَآءِ وَالطِّيْنِ (رواه البيهقي)

يعني:جنهن بانهي جي مال ۾ الله تعاليٰ برڪت نه وجهندو آهي ته ان جو مال پاڻي متيءَ ۾ خرچ ڪرائيندو آهي.

نقل4: پاڻ فرمايائون ته حضرت امام اعظم رضي الله عنه جي روش هوندي هئي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص جي ذمي سندن ڪجهه قرض هوندو هو ته سندس گهر جي پت يا سندس وڻ جي پاڇي ۾ نه آرام وٺندا هئا، نه ويهندا ۽ نه ترسندا هئا.

نقل5: سندس روش مبارڪ هوندي هئي ته حيدرآبادي حاڪمن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيندا هئا ته سندن تيار ڪيل طعام ڪونه ڪائيندا هئا بلڪ پيو ڪو فقير طعام تيار ڪري آڻي ڏيندو هو، ته اتان ڪائيندا هئا. ۽ ڪن پين شاهوڪارن ماڻهن جي جاءِ تي به اهڙي روش سان هلندا هئا،

نقل6: شادي فقير موچي وينل درگاهه مبارڪ جو نقل ٿو ڪري ته هيڪر سلطان شجاع الملڪ سنڌ ملڪ تي ڪاهه ڪري آيو هو. سنڌ جي حاڪمن حضرت مرشد ڪريم قدس سره کي ايلاز منتون ڪري ميڙ طرح سلطان ڏي موڪليو هو ته جيئن سنڌ تي چڙهائي کان باز اچي ۽ لشڪر موٽائي وڃي. پاڻ جڏهن سلطان جي لشڪر ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن سيني فقيرن کي حڪم فرمائي ڇڏيائون ته ڪوبه لشڪر جي بازار مان ڪابه شيءِ خريد نه ڪري. ۽ پاڻ جيترا ڏينهن اتي ترسيل هئا. تيتر اتان ان يا پي ڪاڏي پيتي جي شيءِ ڪانه استعمال فرمايائون بلڪ جيڪي ڪجهه درگاهه مبارڪ تان پاڻ سان آندو هئائون انهيءَ تي ڪفايت ڪري وقت گذاريائون.

نقل7: محمد صلاح فقير نقل ڪري ٿو ته جڏهن پاڻ ٽالپرن جي طرفان سلطان شجاع الملڪ ڏي ميڙ طرح تشريف فرما ٿيا هئا.تڏهن مون کي سندس مڏيءَ جو هڪ اُٺ خدمت لاءِ حوالي ٿيل هو.ان جي گاهه لاءِ ولي محمد لغاري جو هڪ سنڌ جو وڏو صوبو آهي،تنهن جي ٻيليءَ سان ٻاهر نڪري وڃي گاهه ڪري ايندو هوس. هيڪر ٻئي ڇٽا گاهه لاءِ ويا هئاسون. واٽ تي ولي محمد جي ٻيليءَ پاڻ سان پلاءَ جو هڪ ٽاڻڻ آندو هو سو ڪڍي ڪائڻ وينو ۽ مونکي به صلاح ڪيائين ته اچي ڪاءُ.جڏهن ته اسانکي حضرت پير سائين جن کان جهل ٿيل هئي تنهنڪري سندس ڪاڏي کي ويجهو به نه ويس.هن طعام وينو ڪاڏو ته ايتري ۾ هڪڙو پٺاڻ گهوڙي سوار اتان اچي لنگهيو ۽ ولي محمد جي ٻيليءَ کي چيائين ته تون طعام وينو ڪائين ۽ هن شخص کي چو نه ٿو ڪارائين؟ ان چيو ته مان صلاحيو مانس پر پاڻ نٿو

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪائي. تڏهن انهيءَ پڻاڻ مون کي چيو تہ اي فقير! اٿي وڃي ڪاءُ. مون چيو هرگز نہ ڪائيندس. تنهن تي چهبڪ ڪٽي چيائين تہ اشرافت سان ڪائين ٿو تہ واهہ. نہ تہ چهبڪ سان سڏو ڪندو سانءِ. مون گهٽو ئي گسايو پر هو اصلي چهبڪ هٽڻ لاءِ تيار ٿي ٻيٺو. پوءِ لاچار ٿي ڪاڏمءِ جيستائين ڪائي بس ڪيم تيستائين پڻاڻ منهنجي مٿان ٻيٺو هو. جڏهن موٽي آياسون تڏهن سموري حقيقت سندن حضور مبارڪ ۾ عرض رکيم.پاڻ مرڪي فرمايائون تہ جڏهن الله تعاليٰ جل شانہ ڪارائيندو آهي تہ ائين ڪارائيندو آهي.

نقل8: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙو شخص حضرت سلطان العارفين بايزيد بسطامي قدس سره جي وقت ۾ هوندو هو جنهن جي ساري رات بيقراري،روج ۽ زاري بي اختياري ۾ گذرندي هئي ۽ سمجهندو هو تہ آءٌ خدا تعاليٰ جي وڏن طالبن ڪاملن منجهان آهيان.هيڪر حضرت شيخ بايزيد بسطامي قدس سره سندس تعريف پريو احوال ٻڌي منزلون ڪري پنڌ هٽي ان جي ملاقات ۽ صحبت لاءِ وٽس آيو. ڏٺائين تہ ساري رات بي قراري ۽ دانهن ۾ ٿي گذريس. پر طعام جي ڪائڻ ۾ احتياط ۽ پرهيز ڪانہ هيس. جاڻون پيو هٿ لڳيس تا ٿون وڻيون ڪايو ٿي ويو. ۽ حلال حرام جي ڪابہ پڇا ڪانہ پي ڪيائين هڪڙي ڏينهن شيخ صاحب قدس سره کيس دعوت ڪري پاڻ وٽ وڻي آيو. ۽ رات جو کيس طعام پاڻ وٽ ڪارايائين. هن شخص پنهنجي عادت موجب رات جا پهريان پهر پريشاني ۽ بيقراريءَ ۾ گذاريائين. پر رات جي پوئين پهر ۾ ننڊ وڻي ويس. بي رات بہ طعام ڪائي اڏ رات تائين دانهون ڪيائين پوءِ ننڊ اچي ويس. ٽين رات جو طعام ڪائي سمهيو تہ ساري رات ننڊ ۾ گذري ويس.فجر جو حضرت شيخ بايزيد قدس سره وٽ دانهون ڪندو آيو تہ تو منهنجو حال ڦري ورتو آهي. حضرت شيخ قدس سره جواب ڏنس تہ تو وٽ حال هو ڪٿي جو توکان ڦري ويس؟ ڳالهہ هي آهي تہ توکي ڪاڏي پيتي ۾ پرهيز ڪانہ هئي جنهنڪري شيطان تو ۾ حلول ڪري پي ويو ۽ دانهون پئي ڪرايائين هينئر جو هي ٿي راتيون ساندهہ اسان توکي حلال وڃ جو طعام ڪارايو آهي. تنهنجي تاثير کان شيطان تنهنجي بت مان نڪري ويو ۽ وري داخل ٿيڻ جي طاقت نہ ٿي ٿئيس. اهوئي سبب آهي جو تنهنجون شيطاني دانهون هينئر چپ ۾ اچي ويون آهن ٻيو مون توکان ڪجهہ بہ نہ ڦريو آهي.

اي عزيز! سندن انهيءَ فرمودي مبارڪ مان معلوم ٿو ٿئي تہ طالب کي حلال طعام جي حاصل ڪرڻ ۾ تمام گهٽي ڪوشش ۽ وڏو خيال ونڻ گهرجي ۽ حرام ۽ مشتبهات کان پرهيز ۽ پاسو ڪرڻ ضروري سمجهڻ کپي ۽ عزيمت کان رخصت ڏي نہ اچڻ گهرجي. نہ تہ ماٺهو انهيءَ شخص وانگر شيطان جي حلول سان هلاڪ ٿي ويندو.

نقل9: محراب فقير سنجراڻي نقل ٿو ڪري تہ هيڪر حضرت پير سائين جن قدس سره حضرت ميان صاحب جن کان بيان ٿي فرمايائون تہ جڏهن پاڻ اتر جي سفر کان حضرت مرشد مڪمل جي خدمت کان رخصت ياب ٿي هن طرف وارد ٿيا. تڏهن ڪيس پيشاب ۾ گرميءَ جو اثر ٿي پيو. پوءِ هڪڙو شخص جو سندن

خاص معتقدن ۾ مخلص مان هو تنهن کيس صلاح ڏني ته جيڪڏهن شرعي حيلي سان ڪنهن عورت سان صحبت مجامعت فرمايو ته جيڪر هي درد يڪدم دفع ٿي وڃي. پاڻ ان مهل انهيءَ ڳالهه تي ڪجهه ڏرائي ڏيڪاريائون. جنهن تي هو شخص وڃي هڪڙي عورت سان سائين جن جي طرفان شرعي حيلو ٻاهي ان عورت کي خدمت ۾ موڪلي ڏنائين. پاڻ گهڙي ڪن مان ڪري خيال ۾ پئجي ويا ۽ پوءِ ان عورت کي فرمايائون ته اي امان! اٺ ۽ پنهنجي گهر هلي وڃ. پوءِ فرمايائون ته جيڪڏهن هينئر پنهنجي بت جي چڱيلائي لاءِ هي ڪم ڪيون ها پوءِ توڙي ڪٽي مباح آهي ته به عام ماڻهن جي طعني ۽ انگشت نمائي جو سبب بڻجي ها. جو هن ڪم کي ڇڏڻو ڪم سمجهي اسانجي مرشد ڪريمن ڏي گهٽتائي ۽ نقص جي نسبت ڪن ها ۽ پنهنجا ٻئي جهان چٽ ڪري وجهن ها.تنهنڪري پنهنجي بت جي صحت لاءِ جو هڪ فاني شيءِ آهي،اهڙو ڪم ڪرڻ تمام نه ڏهندڙ ۽ نامناسب آهي. جنهن شخص ڪين اها صلاح ڏني هئي تنهن کان دوستي ۽ اخلاص جو رستو بالڪل ڇني ڇڏيائون ۽ وري ڪڏهن به ان ڏي التفات نه ڪيائون. ۽ فرمايائون ته اهڙي سنگتيءَ کان چڱائي اصل ڪانه پهچندي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٽيون
وعظ ۽ نصيحت بابت

نقل1: حافظ فقير ذات جو گنگرو نقل ٿو ڪري ته هيڪر آئون درگاھ مبارڪ تي حاضر هوس. ھڪڙي ڏينهن پاڻ اڳين نماز جماعت سيمت ادا ڪري فارغ ٿي وينا ھئا ته ايتري ۾ حضرت صاحبزاده وڏا مسندنشين اول ﷺ جو ان وقت سندن صاحبزادگي جو زمانو هو. نماز لاءِ مسجد شريف ۾ آيا ۽ هيڪل نماز ادا فرمايائون، پاڻ ڪين هيڪلو نماز پڙھندو ڏسي ڏاڍو جوش ۾ آيا ۽ فرمايائونس ته توهين سمجھو ٿا ته اسين پير جا پٽ آهيون ۽ انهيءَ فخر تي گھوڙن تي چڙھيا اميرن وانگر سٺا لباس پھريو شھر ۾ پيا ٿا ڦرو. اسان جي مرضي ۽ خواهش هئي ته الله تعاليٰ ڏي منهن ڪيو، پر توهان خلق سان مشغول ٿي ويؤ. تنهنڪري اسين اوهان کان راضي ڪونہ آهيون ۽ ٻيو ته خليفن کي جو تلقين جو اجازو ڏنو هوسون سو هن لاءِ ته خلق کي الله تعاليٰ ڏي ڪوٺ ڪن ۽ سڏن پر هو به ماڻھن کي پاڻ لاءِ حصا بخرا ڪري ويھي رهيا آهن انهن کان به راضي نہ آهيون. ۽ ٻيا وري فقير آهن جي پاڻ کي تارڪ الدنيا ٿا سڏائين حالانڪ ترڪ کان اڳ سندن حال هي هو جي ڪائين جي پري ڪري وڪٽي انهيءَ مان ڪا پاٽي چوٽائي ڪن ان جي حاصل ڪري گذران ڪندا ھئا ۽ ويلي تي دال به هزارن حيلن سان ھٿ ايندي هُين. هاٽي اهي ساڳيا تارڪ ڪٽولن تي سمھن ۽ ٽڏن پاٽين جا گھڙا پريون ڪٽولن هينان ٿا رکن ۽ جي هڪ ويلو ماني نہ ٿي ملين ته دل ۾ ٿا چون ته جيڪر سيني وقتن تي طعام ملي ته هوند چگي طرح کايو پيو ڏؤ ڪيو وينا هجون، انهن ماڻھن کان به اسين راضي ڪونہ آهيون. ڇو ته هو نفس جي مخالفت ڪانہ ٿا ڪن.۽ ٻيو هڪ ٽولو آهي جي ڇڙا ڇڙمل آهن ۽ دنياوي اسباب وٽن ٽورو آهي، تنهنڪري جلد اسان وٽ حاضر ٽين ٿا ۽ ٻيا مريد جيڪي دنياوي اسباب ۾ مقيد آهن تن کي چون ٿا ته اي دوستو اچو ته گڏجي حضرت مرشد ڪريم جي زيارت لاءِ درگاھ مبارڪ تي هلون. پوءِ اتي اهل اسباب وٽ خوب طرح مانيون ٻوڙ ڪائي اسان وٽ ايندا پوءِ جڏھن دنياوي ماڻھو پنجن ڇھن ڏينهن کان پوءِ موڪلائيندا ته هو فقير انهن کي وعظ ڪندا ۽ چوندا ته جلدي نہ موڪلايو ٻٽي ڏينهن ترسو. پر هنن ويچارن کي دنياوي مشغوليون ڪٽي ڇڏيندیون نيٺ موڪلائي ويندا، اهي مجرد ڇڙمل فقير ٻہ ٽي ڏينهن هتي ٽڪي وري انهن وٽ ويندا ۽ مٽن ملامت جو مينهن وسائيندا ته توهان ترسيو ئي ڪين يڪدم ونڊي پوئٽي ڊوڙ پاٽُو ۽ پاڻ کي ٻن ٽن ڏينهن وڌيڪ ٽڪڻ ڪري فخر وارو ٻيا پائيندا. انهن ماڻھن کان به اسين راضي ڪونہ ٽياسون.پوءِ سموري جماعت،حاضر ماڻھن ڏي خطاب ڪري فرمايائون ته ’توهان سيني الله تعاليٰ ڏي منهن نہ ڪيو‘ ائين فرمائي جوش کان حاويلي مبارڪ ڏي اسريا. ۽ ٽيپھري نماز تي به جوش ۽ رنجش جي سببان مسجد شريف ۾ تشريف فرما نہ ٽيا. جماعت ۾ ڏاڍو روڇ ،دانهون ۽ جوش خورش اچي پيو.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پوءِ سانجهي نماز تي رحم فرمائي تشريف فرمايائون.

نقل2: جامع ملفوظات رحمة الله عليه نقل ٿو ڪري ته هيڪر لاڙ جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن : مون فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا. ۽ مهرباني فرمائي زيارت ڪرائڻ لاءِ اندر جاءِ تي آيا. مون ڪجهه طعام تيار ڪرايو هو سو خدمت ۾ پيش ڪيم. پاڻ صاحبزادن سڳورن سميت ان مان کاڌائون. کاڌي کائڻ کان پوءِ اتان خواهه آس پاس جون عورتون جي زيارت لاءِ اچي حاضر ٿيون هيون، تن دعا لاءِ خدمت عاليه ۾ استدعا ڪئي.پاڻ سيني جي حق ۾ دعا گهريائون ۽ اٿيا ته انهيءَ وچ ۾ منهنجي پڦي خدمت شريف ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! 'اوهان جي دامن ورتي اٽسي'حضرت مرشد مڪرم جن کي جوش اچي ويو جو مون سندن منهن مبارڪ ڏي ڏنو ته ڳاڙهي ورن پيو ڏيکارجي ۽ پگهر مبارڪ جا قطرا ظاهر ٿيل هئا. فرمايائونس ته اي امان! دامن ونڊ پري آهي. پڦي وري خدمت ۾ هي مصرعو عرض گذاريو ته **'اڳلائي اوڏ ته پٽ لاکي ڇام جا'** پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته **'اوڏ سيئي اوڏ جي لاکي جي لوڏ'** پوءِ مثال بيان فرمايائون ته سراين جي قوم جي ميان جا مريد هوندا هئا، سي پنهنجي نفس جي خواهش تي ڪم ڪري پوءِ چوندا هئا ته **'گهت مَيان تي. گهت مَيان تي'** انهيءَ غفلت ۽ نادانيءَ جو اهو نتيجو نڪتو جو نه رڳو سندن حڪومت برباد ٿي وئي. بلڪ پاڙ ئي صفا پٽجي وين. اي امان! جڏهن ماڻهو مري ٿو ۽ انهيءَ کي قبر ۾ آٽي ٿا رکن ۽ ملائڪ جواب سوال جي پڇا لاءِ وٽس اچن ٿا؛ تڏهن اهو مئل ويچارو ونڊي ٿو دانهون ۽ فريادون ڪري ۽ جن ماڻهن سان دنيا ۾ دوستي هوندي هئس تن کي سڏ ٿو ڪري، مدد ۽ واهر لاءِ واڪا ٿو مچائي پر دنيا وارن مان ڪوبه سندس احوال کان واقف ڪو نه ٿو ٿئي ۽ نڪي سندس سڏ ٻڌي ٿو نه واهر لاءِ وڃي ٿو سگهي. مگر انهيءَ وقت جيڪا الله ڪارڻ پنهنجي مرشد جي دوستي رکي هوندائين سا ڪم ايندس ۽ مرشد مڪمل ملائڪن جي هٿان کيس ڇڏائي آزاد ڪري ٿو ڇڏي، نه ته ٻيو ڪوبه انهيءَ اوکي مهل ۾ سندس مدد ڪونه ٿو ڪري.

نقل3: سندن روش مبارڪ هوندي هئي ته نماز جمعي جي ادا ڪرڻ کان پوءِ منبر تي بيهي وعظ فرمائيندا هئا. الله جي مخلوق جا ڏهون تاڏهون تمام گهٽي تعداد ۾ جمعي جي نماز ادا ڪرڻ ۽ وعظ ٻڌڻ اچي گڏ ٿيندي هئي. ۽ پاڻ وعظ ۾ قرآن، حديث ۽ شريعت ،طريقت جا نڪتا ۽ حقيقت معرفت جا اسرار، اڳين مشائخن جا قول ۽ پوين بزرگن جا گفتا، هر قسم ۽ هر زبان جا بيت نهايت عمدگيءَ سان ٻڌندڙن جي حال موجب بيان فرمائيندا هئا. ۽ سندن وعظ ڪري ساري جماعت عام ۽ خاص ماڻهن تي اهڙو اثر پوندو هو جو ساري جماعت ۾ روڄ ، درد ۽ وجد جي حالت پيدا ٿي ويندي هئي ۽ روئندي روئندي ماڻهو بي هوش ٿي ويندا هئا. پاڻ به وعظ ۾ گريو فرمائيندا هئا ۽ وعظ ۾ فرمائيندا هئا ته متان سياڻي قيامت جي ڏينهن حساب جي مهل ڪوئي حجت آٽي ته اسان کي ڪنهن ڪو نه ٻڌايو. دل جي هوش سان ٻڌو،اسين اوهانکي ٻڌايون ٿا ته هي جهان فاني، نيٺ ڇڏڻو آهي.تنهنڪري پنهنجي خدا سان هجو. اسان جو هي قول توهان جي حجت کي سياڻي باطل ڪندو.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جيئن تہ ڪنهن بزرگ فرمايو آهي تہ:

تدبيرِ خود امروز کن اے خواجہ کہ فردا
ہر چند کہ فرياد کنی سود ندارد

يعني: اي سردار پنهنجي ڳڻ ڪا اڄ ئي اتي ڪر. ڇو تہ سياڻي گهٽيون ئي دانهون ڪندين پر فائدو ڪونہ ٿيندءِ.

نقل4: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ هن زماني ۾ اسان فقير اهڙا آهيون جو ڪو دنيا دار ماڻهو اسان کي هڪ پيسو ڏيئي ۽ چوي تہ مون کي ٻہ نقل بخش تہ جهٽ ٻہ نفل نماز جا هڪ پيسي تي ڪيس ڏئي ڇڏيون. پر جي ڪو پيسو اسان کان گهري تہ اصلي ڪين ڏيونس.

نقل5: غلام فقير ابڙو نقل ٿو ڪري تہ هڪڙي رات سندن خدمت مبارڪ ۾ درگاهہ مبارڪ واري مسجد ۾ حاضر هوس. پاڻ فرمايائون تہ هن کان اڳ اسان اوهان کي چيو هو تہ هڪ ٻئي سان صحبت ۽ سنگت ڪندا ڪريو. پر هينئر اوهان کي چئون ٿا تہ هيڪلو ويهي پنهنجي رب کي ياد ڪندا ڪريو. ڇو تہ هينئر اهڙو وقت آيو آهي جو ٻہ ڇٽا گڏجي تا ويهن تہ گوياڪ ٻہ شيطان گڏ اچي ٿا ٽين يعني خداتعاليٰ جي ياد گيري ڪا نہ ٿا ڪن. بلڪ بيهودا ۽ اجايا گفتا ڪٽي ٿا ڇيڙن.

نقل6: حافظ محمود ٽيبو وينل ڊاسوڙيءَ جو، جو اها نصرپور جي طرف هڪ ديهہ آهي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر درگاهہ ثريا جاهہ تي مسجد شريف منجهہ سندن خدمت ۾ حاضر هوس. صاحبزادي والا تبار ميان محمد ياسين شاهہ وٽانئن سبق پي پڙهيو تہ مير سهراب جو نوڪر جو انهيءَ ڏينهن خدمت شريف ۾ آيو هو، موڪلائڻ لاءِ لنگهي آيو ۽ جڏهن موڪلائي مسجد جي دروازي کان ٻاهر نڪتو تہ وري مسجد ۾ اندر اچي اشاري سان صاحبزادي صاحب کان موڪل گهرياٿين. صاحبزادي صاحب ٻہ کيس اشاري سان فرمايو تہ گهڙي ڪن ترس، سبق کان واندا ٽيون تہ پوءِ ملاقي ٿي موڪلائجانءِ. حضرت پير سائين جن اهو حال ڏسي ورتو ۽ فرمايائون تہ جيڪو دولتمند ماڻهن جي دوستي ۽ محبت ٿو رکي، ان کي سندن دوستيءَ مان هرگز ڪا ڇڪائي حاصل ڪانہ ٿيندي. بلڪ ضرور نقصان پهچندس. پر جي اوهان پائيندا تہ اسانجو والد فقير آهي تہ ٻہ خدا تعاليٰ جي دوستي کان سواءِ اوهان کي ڪوبہ نہ پڇندو. هڪڙو ريگستاني فقير حاضر هو تنهن عرض ڪيو تہ حضرتا! تنهن جي دامن ورتي اٽسي تون اسان لاءِ محڪم ٽيڪ آهين. انهيءَ تي پاڻ جوش ۾ آيا ۽ ان فقير کي فرمايائون تہ تون اهڙيون حجتون تڏهن ٿو ڪرين جو خبر ڪانہ اٿئي. پوءِ مثال بيان فرمايائون تہ هيڪر گدڙن گڏجي پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ اچو تہ گڏجي هلي شهر جي ڪتن کي شهر مان لوڏي، ڳوٺ پنهنجي تصرف ۽ قبضي ۾ آڻيون. اها صلاح پکي ڪري، سيئي گڏجي اتي شهر ڏي هليا. جڏهن هڪڙي ڳوٺ وٽان ويجها آيا، تہ اتي جي ڪتن کي جو خبر پئي، سي کين ڏسڻ شرط اچي ڪيڙ پين. سڀ گدڙ جهنگ ۾ پڄي کي ڪاڏي ويا کي ڪاڏي. مگر انهن مان هڪڙو گدڙ پڄي نہ سگهيو، لاچار هڪڙي واٽئي جي هٿ ۾ وڃي

لکو. جڏهن رات ٿي تڏهن اتان واٽئي جي ليکي جي بندي کٽي گدڙن کي اچي مليوءِ ڌاڙون هٽڻ لڳو ته زوراور توهان تکڙ ڪري پڄي ويؤ، نه ته مان ڏس هي سَند بادشاهه کان لکرائي ونڻي آيو آهيان، اچو ته هينئر موٽي هلون. گدڙن کي سندس چوڻ تي قوت ٿي ۽ انهيءَ سَند تي تکيو ڪري دلير ٿي شهر ڏي موٽيا. جڏهن شهر جي ويجهو آيا ته اڳئين وانگر وري به ڪتا اچي متن ڪڙڪيا ۽ ويچارن جهنگ ۾ پڄي پڄي مس جند ڇڏائي. وات تي پڄندي هڪڙي گدڙ چيو ته ٻيلي جيڪو بادشاهه کان سَند لکرائي آيو هو، اهو ڪاڏي ويو. انهيءَ کي سڏ ڪيو ته اها سَند ڪتن کي ڏيکاري ته اسانجو پيڇو ڇڏن. ايتري ۾ ڏسن ته اهو گدڙ پڄندو سهڪندو ٿو اچي. پڇيائونس ته سَند ڪاڏي ڪيئي؟ جواب ڏنائين ته اڄان بادشاهه گردي جو وقت آهي. يعني امن امان کونہ ٿيو آهي. پوءِ سَند وري ڪيئن ڏيکاريون.؟

نقل7: خليفو غازي ٿو نقل ڪري ته حضرت مرشد معظم قدس سره فرمايو ته ڪنهن مريد پنهنجي پير کان رخصت طلب ڪئي، ته جهان جي سير ڪرڻ جي اجازت ملي ته وڃي دنيا ۾ گهمان. پير پڇيس ته ڇا لاءِ ٿو سير ڪرين؟ مريد عرض ڪيو ته الله جي مخلوق کي وعظ نصيحت ڪرڻ لاءِ، ته حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي امت بد ڪمن کان گوشو ڪري ۽ شرعي حڪمن تي استقامت ونڻي ۽ انهيءَ پاران مون کي به درجو حاصل ٿيندو. پير کيس چيو ته جيڪڏهن انهيءَ نيت سان وڃين ٿو ته بلاشڪ جنهن طرف مرضي پوئي اوڏانهين توکي اجازت آهي.اهو مريد رخصت ياب ٿي، هڪڙي ڳوٺ ۾ وڃي ٽکيو ۽ اتي وعظ شروع ڪيائين. ڪجھ مدت کان پوءِ اهو پير پنهنجي مريد جي احوال جي جاچا ۽ سندس وعظ جي فائدي ڏسڻ لاءِ انهيءَ ڳوٺ ۾ آيو. کيس ڏنائين ته منبر تي وينو وعظ ڪري. هي به ڪجهي طرح وڃي مسجد جي ڪنڊ ۾ وينو.وعظ هلندي هڪڙي سائل اچي سوال ڪيو.انهيءَ مريد کي جيترو ٿي سگهيو، خيرات ڏنائين گهڙي کن کان پوءِ وري ٻيو سائل آيو، ان کي به پنهنجي هڙان خيرات ڏنائين. جڏهن پير سندس اها روش ڏٺي تڏهن اتي وڃي منبر تان کيس هيٺ لاٽائين ۽ چپات هٽي چيائينس ته تون اسان کان حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي امت جي ثواب لاءِ موڪل ونڻي آيو هوئين ڪ پنهنجي نفس جي ثواب لاءِ؟ هينئر تو رخصت جي بر خلاف عمل ڪيو آهي. ڪيئن ته سائل جو سوال مجمل هو جو سمورن جماعتن ۾ حاضر ماڻهن کي شامل هئو نه خاص تو لاءِ. پوءِ تو ڇو نه خيرات ڏيڻ ۾ دير ڪئي ته من جماعت مان ڪو ٻيو سائل ڪجھ ڏئي سندس حق واجب ادا ڪري ثواب حاصل ڪري ها. هينئر تو سندس حق ادائيءَ ۾ تکڙ ڪري ٻين کي ثواب کان محروم ڪري وڏو جنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته تون پنهنجي ثواب لاءِ هٿ آيو آهين، نه امت حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ثواب لاءِ. تنهنڪري تون انهيءَ ڪم جو لائق نه آهين.

نقل8: ٻيو فقير نظاماٽي نقل ٿو ڪري ته حضرت پير سائين قدس سره صاحبزادي والا تبار ميان هدايت الله شاهه جي شاديءَ لاءِ پنهنجي ننڍي ڀاءُ سيد ميان مرتضيٰ علي شاه قدس سره وٽ تشريف فرما ٿيا هئا. سومهياٽيءَ جو وقت ڪٽ تي وينا هئا ۽ اتي هي نقل بيان فرمايائون ته،هڪڙو سوداگر هو تنهن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پنهنجي دڪان جي حفاظت لاءِ هڪڙو پولڙو ڏاريو هو.پوءِ جڏهن اهو سوداگر ڪنهن ڪم ڪار تي ويندو هو تہ انهيءَ پولي کي دوڪان تي ويهاري ويندو هو.هڪڙي ڏينهن ڪو چور دڪان تي اچي پولڙي جي پرسان وينو ۽ ان سان مڪر فريب ڪري چوريءَ جو ارادو ڪيائين. پوءِ چا ڪيائين جو پولي اڳيان ٻانهون ٻڌائين، تہ انهيءَ پولي بہ ٻانهون ٻڌيون ۽ ڪڏهن سلام پئي ڪيائين، تہ هن بي سلام پي ڪيو، ڪڏهن ڪلي پئي ڏيکاريائينس، تہ هو بہ ڪلڻ پي لڳو. مطلب تہ جيئن انهيءَ چور پئي ڪيو تيئن پولي بہ پئي ڪيو. نيٺ پڇاڙيءَ ۾ انهيءَ شخص اکين تي هٿ رکياتہ انهيءَ پولي بہ اکين تي هٿ رکيا. تڏهن اهو چور دڪان تان ڪي شيون چورائي ڪنيون هليو ويو. پوءِ جڏهن دڪان جو مالڪ آيو، تڏهن اچي ڏٺائين تہ ڪي شيون چورائجي ويون آهن تنهن تي پولي کي ڏاڍي مار ڪڍيائين ۽ وري ٻئي ڏينهن انهيءَ پولي کي اڳئين دستور موجب دڪان تي ويهاري ڪنهن ڪم ڪار سان ٻاهر نڪري ويو.تہ ايتري ۾ اهو چور بہ وجهہ ونڊي موٽي آيو ۽ اڳئين طرح فريب ۽ دغا شروع ڪيائين. پولو بہ سندس تابعداريءَ ۾ ائين ڪرڻ لڳو جئين چور پئي ڪيو پر جڏهن چور اکين تي هٿ رکيا، تڏهن پولي جو مار ڪاڏي هئي تنهن جي ٻؤ کان اکين تي هٿ نہ رکيائين، بلڪ ٻنهي هٿن سان اکيون پٽي ڏسڻ لڳو تہ ڪجهہ ڪنيون تہ نہ ٿو وجي. چور اهو حال ڏسي نا اميد ٿي موٽي ويو.

اي عزيز! انهي نقل جو مطلب هي آهي تہ پولي جهڙو ڪم عقل حيوان بہ رڳو هڪ ڀيري مار جهلڻ ڪري پنهنجي ڪم تي بلڪل هوشيار، خبردار ۽ محڪم ٿي ويو. پر عجب حال اسان غافل نادانن جو آهي، جو جيتوڻيڪ هيترا وعظ ۽ نصيحتون نبين ،ولين ۽ مرشدن سڳورن جو پيا ٻڌون تہ بہ اندر جي چور يعني نفس پليت جي چوري ۽ شرارت کان خبردار ٿي نٿا سگهون، بلڪ سندس مراد تي ڪم ڪري ان جي ڪُچيءَ ۾ ڦاسندا وجون ٿا. حالانڪ اسان کي صاف طرح ٻڌايل تہ، اَعْدٰى عَدُوِّكَ الَّذِىْ بَيْنَ جَنْبَيْكَ يعني: تنهنجي دشمنن مان وڏو دشمن تنهنجو نفس آهي جو ٻنهي پاسن جي وچ ۾ وينو اٿئي.

نقل9: عبد الله فقير رهندڙ کورواهہ جي طرف جو نقل ٿو ڪري تہ هڪڙي رات درگاهہ معليٰ پائگاهہ تي پاڻ جماعت سميت ذڪر جي مشغولي ۾ هئا ۽ مون سندن پرسان وينڊ ذڪر ڪيو. سانوڻ ۽ گرميءَ جا ڏينهن هئا. تنهنڪري ڪن فقيرن جي روش هوندي هئي تہ پاڻي جا ڪونرا پري آڻي جماعت ۾ رکندا هئا، پوءِ جنهن کي اُڃ لڳندي هئي سو اتان پاڻي پي ونندو هو. انهيءَ رات مون بہ ذڪر جي وچ ۾ پاڻي اٿي وڃي پيتو جو سندن نظر مبارڪ کان منهنجو اٿڻ گذريو. پوءِ ٻئي ڏينهن جو اندر حاويلي مبارڪ ۾ گاري ڪٽڻ جي ڪم ۾ مشغول هئاسون، مون غلام کي فرمايائون تہ اي ڇوڪرا! رات ذڪر ۾ پاڻي تو اٿي پيتو هو؟ مون عرض ڪيو تہ هائو سائين. پاڻ فرمايائون تہ ٻيهر متان پيتو اٿئي ڇو تہ ذڪر ۾ پاڻي پيئڻ قلب کي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي.

نقل10: پاڻ فرمايائون تہ جڏهن اصحاب سڳورا ڪافرن سان ملاقي ٿيندا هئا تہ انهن جي بتن کي گاريون ڏيندا هئا. تنهن جي جواب ۾ ڪافر وري مومنن جي خدا (جل شانہ) کي گاريون ڏيندا هئا.

تڏهن الله تعاليٰ جل شانه هي آية سڳوري موڪلي:

وَلَا تَسُبُّوا الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَيَسُبُّوا اللّٰهَ عَدْوًۢا بِغَيْرِ عِلْمٍ (الانعام: ۱۰۸)

ترجمو: جن کي ڪافر، الله تعاليٰ جل شانه ڪانسواءِ سڏيندا آهن، (بت) تن کي گاريون نه ڏيو (جو ته انهيءَ ڪري) پوءِ گاريون ٿا ڏين الله تعاليٰ جل شانه کي بنا ڄاڻ جي دشمنيءَ ڪري.

نقل11: خليفو ميان لقمان رحمة الله عليه نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ ڏاهڪي ۾ وينل هئا. هڪڙي ڏينهن وچين نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ دعا گهري مصلي مبارڪ تي بيهي فرمايائون ته اي دوستو! جيڪڏهن همت اٿو ته پنهنجي رب ڏي پڃو، جو ته الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ حڪم فرمائي ٿو ته،

فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ (الذاريٰت: ۵۰)

ترجمو: پوءِ پڃو پنهنجي رب ڏي.

حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي متابعت کان مٿو اصل نه موڙيو، جو ته الله تعاليٰ جل شانه ڏي انهيءَ واٽ ڪانسواءِ بي ڪا واٽ ڪانهي. اهو ڪلام فرمائي پاڻ وري اعتڪاف واري جاءِ ۾ اسريا. پوءِ سانجهي نماز کان پوءِ آءٌ مسجد جي اڳڻ ۾ بينو هوس ته ايتري ۾ پاڻ اعتڪاف واريءَ جاءِ کان نڪري مسجد شريف ۾ آيامنهنجي نظر جڏهن مٿن پيئي تڏهن بي اختيار ڪمال خوشي ۽ فرحت کان پنهنجو هٿ ڏڳهاري چيم ته مرشد منهنجو آيو آهي. هٿ ڏڳهارڻ کان پوءِ ڏاڍو پشيمان ٿيس ته ائين ڇو ڪيم. پاڻ اڇي مصلي تي وينا. مون خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! مرشد ڏي هٿ ڏڳهارڻ درست آهي يا نه؟ پاڻ فرمايائون ته اهو مسئلو ڪنهن ڪتاب ۾ ڪونه ڏٺو اٿسين. پوءِ فرمايائون ته اوري آءٌ جڏهن ويجهو ويس تڏهن مون کي پاڪر پائي فرمايائون ته ڪوڪرن جي ڳوٺ ويو هئين؟ عرض ڪيم ته، هائو سائين. فرمايائون ته اتي ماڻهو ڪيئن آهن؟ عرض ڪيم ته ڇڳي طرح ذڪر فڪر ۾ مشغول آهن، پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا. ايتري ۾ جماعت منجهه سيني کي سندن تشريف آوريءَ جي خبر پئجي وئي ۽ سيئي اڇي گڏ ٿيا. خليفو سلطان فقير جو وحدت ۾ استغراق هوس تنهن عرض ڪيو ته حضرتا! توهان امر فرمايو آهي ته،حضرت پيغمبر ڪريم صلى الله عليه وسلم جي متابعت ڪيو. سو جيڪڏهن پوري متابعت يعني حقيقي متابعت حاصل ٿيندي، ته واهه پلائي نه ته ظاهري متابعت اسان کان به ڪانه ٿيندي. پاڻ انهيءَ ڳالهه تي ڪجهه شڪر رنجي ڏيڪاريائون ۽ فرمايائون ته اسان کي ظاهري متابعت حاصل ٿي پوي ته به غنيمت آهي. پوءِ آيت شريف تلاوت فرمايائون:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (آل عمران:۳۱)

ترجمو: (اي پيغمبر ڪريم صلى الله عليه وسلم!) ماڻهن کي چؤ ته جيڪڏهن الله تبارڪ و تعاليٰ کي دوست ٿا رکو ته پوءِ منهنجي متابعت ڪريو ته الله تعاليٰ اوهان کي دوست رکي ۽ توهان جا گناهه بخشي ۽ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

نقل12: هيڪر ڪمال فقير ٽالپر ۽ ڪرم فقير ٽالپر پاڻ ۾ وينءِ ڳالهيون ڪيائون تہ ٻين فقيرن جي جماعت کي جذب ۽ حالت ٿئي ٿي. اسين لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو ذڪر ٻہ رات ڏينهن پيا ڪيون تہ ٻہ ڪڏهن نہ وجد منهن ڏنو نڪي حال ئي حاصل ٿيو. سندن اها ڳالهہ پاڻ ٻڌي ورتائون. فرمايائون تہ اڄان رات آهي جڏهن ڏينهن ڏنو ٿيندو تڏهن پاڻهي سڀ ڪنهن کي خبر پوندي تہ ڪيترو مايو ۽ موڙي گڏ ڪري آيو آهيان. وري انهن کان پڇيائون تہ توهان کي سڪندر بادشاهہ جي غار واري احوال جي ڪا خبر آهي تہ ڪيئن هو؟ عرض ڪيائون تہ حضرتا!، اسان کي ڪا خبر نہ آهي. پاڻ فرمايائون تہ، جڏهن سڪندر ظلمات واري غار مان موٽيو هو تڏهن اوندهہ ۾ گهوڙن جي پيرن هيڻان پٿريون پي لڳن. سڪندر پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪيو تہ سڀ ڪو ماڻهو اتان اهي پٿر گڏ ڪري ڪنيون هلي. بادشاهہ جي انهيءَ حڪم ڪري سڀ ڪنهن اتان پٿريون ڪنيون. پوءِ ڪن خورزينون ۽ توبرا پري پنهنجي گهوڙن تي وڌا. ڪن رڳيون خورزينون پريون. ڪن توبرن تي قناعت ڪئي. ڪي گهٽ ڪي وڌ، پنهنجي خيال موجب پٿريون کڻي آيا. پر ڪن بدنصيبن ڪجهہ ٻہ ڪونہ ڪنيو. خالي هٿين نڪري آيا. جڏهن غار جي اوندهہ مان نڪري ٻاهر ٿيا تڏهن کڻي ڏسن تہ اهي پٿريون سڀ هيرن جا ٽڪر چمڪي رهيا هئا. پوءِ جن شخصن گهٽا ڪنيا هئا تن کي ٻہ ارمان ٿيو تہ جيڪر اهڙي خبر هجي ها تہ هوند پلون ۾ ٻہ پريون ٻڌي اچيون ها. ۽ جن ٿورڙا ڪنيا تن کي اهو افسوس ٿيو تہ جيڪر ٻين جيترو کڻي اچون ها تہ ٻہ ڏاڍو چگو ٿئي ها. پر جن بدبختن اصل ڪجهہ ڪونہ آندو ۽ شقاوت ازلي جي پاران اهڙي مفت جي نعمت کان محروم رهجي ويا. تن کي ٻہ درد پيدا ٿي پيا. هڪ تہ بادشاهہ جي حڪم جي بي فرماني جو ڏڪ ۽ ٻيو تہ اهڙي بي نظير مفت جي دولت کان بي نصيبيءَ جو سور. مطلب تہ سڀڪو شخص پنهنجي قدر آهر افسوس ۽ ارمان ۾ پئجي ويو. اهڙي طرح هي دنيا ٻہ اونداهي غار جي مثال آهي. پوءِ جيڪو هتي جيتري قدر صالح عمل ڪندو تيري قدر آخرت ۾ ان جو عوض ملندس۽ جيڪو ڪجهہ ڪونہ ڪندو تنهن کي ڪو فائدو ۽ اجر پڙ ڪونہ پوندو. پر ارمان ۽ افسوس سڀني کي قدر آهر ٿيٽو آهي.

نقل 13: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ تو نقل ڪري تہ هيڪر موٽيل فقير ڊڪڻ حاويلي مبارڪ جي تياريءَ لاءِ مسجد شريف جي پويان ڪاڪيون وينءِ ڏاهيون، پاڻ ٻہ وٽس هڪ ڪاڪيءَ تي اچي وينا ٻيا فقير ٻہ حاضر هئا، تہ ايتري ۾ هوت فقير رهندڙ درگاهہ مبارڪ جو، جو اڪين ڪان معذور هو سو اتي آيو ۽ ٽهڪ ڏيئي ڪلي چيائين تہ اي ملا موٽيل! وينو آهين؟ موٽيل فقير تہ ادب ڪان ڪجهہ نہ ڪچيو، جنهن مان هوت فقير کي معلوم ٿي ويو تہ سائين جن وينا آهن. تڏهن يڪدم گوڏا ڀيڄي ماڻ ڪري ويهي رهيو. پاڻ فرمايائونس تہ اي حافظ! الله تعاليٰ ياد اٿئي؟ چيائين تہ هائو سائين فرمايائون تہ ائين نہ چوڻ گهرجي. توکي الله تعاليٰ ياد هجي تہ هوند ٽهڪ ڏيئي ڪونہ ڪلين ها. ڇو تہ الله تعاليٰ جل شانہ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ،

فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّ لْيَبْكُوْا كَثِيْرًا (التوبہ:۸۲)

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ترجمو: (اي پيغمبر ڪريم ﷺ فرمايو ته) ٿورو ڪلو ۽ گھٽو رئو.

۽ ٻيو ته ٿھ ڏيئي ڪلڙ سان دل مري ويندي آھي. سندن انھيءَ فرمودي مبارڪ ٻڌڻ سان حاضر ماڻھن ۾ روڄ پئجي ويو.

گريہ و زاری عجب سرمايہ است
تا بشعرِ دل قوی تر پايہ است

يعني: روڄ ۽ زاري نيزاري عجب سامان آھي۽ دل واري شھر لاءِ وڏو اٽڙ ۽ محڪم مرتبو آھي.

نقل14: ھيڪر پاڻ خليفن جي حق ۾ مثال بيان فرمايائون ته ھڪڙو ٻلو ننڍڙين ميڇين جي تسبيح ناھي پنھنجيءَ ڳچيءَ ۾ وجھي ڪوئن جي دعوت ڪيائين ته مون ھينئر پنھنجن گناھن کان توبہ ڪئي آھي ۽ گناھن جي بخشيش لاءِ حج تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو آھيان.توھان مان ڪير ھلو ته گڏجي حرمين شريفن جي زيارت کان مشرف ٿي اچون.ڪوئن ميڇي جي تسبيح سندس ڳچيءَ ۾ ڏسي پڪ سمجھيائون ته ٻلي پنھنجي گناھن کان سچيءَ دل سان توبہ ڪئي آھي ۽ حج جو پڪو ارادو اٽس.تنھنڪري ھڪڙي جماعت ڪوئن جي ساڻس رفيق ٿي حج لاءِ اٿي ھليا پوءِ جڏھن ٻلي ڪي وات تي بک لڳندي ھئي، تڏھن ڪوئن کي چوندو ھو ته اي رفيقو! اڄو ته ٿوري وقت تائين راڳ ڪيون ۽ نچون ٽپون ته وات جو ٽڪ ۽ مسافريءَ جي ماندگائي ھلڪي ٿئي ۽ تاز ا توانا ٿي وري اڳتي پنڌ پئون. پوءِ جاڻي وڏي ڏوڙ ۽ غبار ڏسندو ھو اتي وڃي ڪوئن سميت نچڻ ٽپڻ ۽ خوشيون ڪرڻ لڳندو ھو جنھنڪري وني اھڙي دز ۽ غبار اٽندو ھو جو ھڪ ٻئي کي ڏسي ڪونہ سگھندا ھئا. اھڙو وجھ ونڻ ٻلو ھڪ ٻ ڪوئو جھلي پيٽ ۾ لنگھائي ڇڏيندو ھو.ائين ڪندي ٻ ٿي ڏينھن گذري وين. ڪوئن جو ڏڻو ته اسين روز بروز وجون گھٽبا. سو پاڻ ۾ ھڪڙي ڏينھن ويچار ڪرڻ لڳا ته اسين پھريان جڏھن آيا سون، تڏھن ڪوڙ ڇٽا ھئاسين ھينئر وڃي ٿورڙا بچيا آھيون، تنھن جو سبب ڇا آھي؟ ھڪڙي ڪوئي چيو ته جيڪي خلل اٿو سو انھيءَ راڳ نچڻ ٽپڻ واري مجلس ۾، تنھنڪري ان جي جاچا وٺڻ کپي. نيٺ ھڪڙي ڪوئي کي انھيءَ مجلس مھل پاسي ڪري ويھاريائون ته حال معلوم ڪري ۽ رفيق کي ٻڌائي. جڏھن رئي ۽ دز اٿي، تڏھن انھيءَ ڪوئي ڏڻو ته ٻلو ھڪڙو ڪوئو وات ۾ جھليو کايو ٿو وڃي. تڏھن ٻوڙي اڇي ٻلي کان پڇيائين ته حج تي ڪھڙي وات ھلبي؟ ٻلي ٻئي کلھا مٿي ڪري ڪوئي کي ڳيٽ ڏيئي جواب ڏنائين ته 'جدي کان'.

نقل15 : خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري ته ھيڪر درگاھ مبارڪ تي حاضر ھئاسون، ته رات برات جو موقعو آيو. مون سان جيڪي فقير ساڻ ھئا تن حضرت مرشد معظم قدس سرہ کي دعوت ڪئي ۽ چانور چاڙھيائون. اتفاق سان چانور ۾ لوڻ زيادھ پئجي ويو. پاڻ پنھنجن صاحبزادن، قاضي عبدالرحمان ۽ قاضي ميڏني سميت دعوت تي تشريف فرما ٿيا. فقيرن طعام آڻي حاضر ڪيو. پاڻ جيتري قدرکين وٽيو اوترو طعام کاڌائون ۽ لوڻ بابت ڪوبہ حرف زبان مبارڪ مان ڪونہ

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪيڏيائون. ۽ ٻين ۾ ادب ڪري ڪونہ ڪڇيو، باقي عارف ڪامل ميان قابل شاھ جو سائين جن جي عزيزن مان ھو، تنھن فرمايو تہ لوڻ حد کان وڌيڪ آھي انھيءَ کان پوءِ ٻين ۾ البت ان بابت گفتگو ڪيائون ۽ ڪائڻ کان ھٿ ڪڍيائون. مگر پاڻ مرڪيا ۾ پي ۽ طعام ۾ پي کاڌائون. جڏھن فارغ ٿيا تڏھن ھٿ مبارڪ ڏوئي اتان اٿيا تہ ايتري ۾ حاجي آدم بروھي عرض ڪيو تہ فقير جي دعوت آھي،منھنجي گھر مھرباني فرمائي تشريف فرما ٿيو. پاڻ صاحبزادن ۽ قاضي سميت سندس گھر آيا. جڏھن طعام آيو تڏھن پڇيائون تہ ڪھڙو طعام آھي. فقير چيو تہ گوشت ۽ ماني . پاڻ فرمايائون تہ اي خليفا! برات رات ۾ گوشت کائڻ درست نہ آھي. قاضي ميڏنو چيو تہ سائين اھا روايت ضعيف آھي. پاڻ فرمايائون تہ ضعيف حديثن ۾ ۾ جن ڳالھين جي جھل ھجي تن کي ڇڏي ڏجي ۽ جن لاءِ عمل جو حڪم ھجي ان تي عمل ڪرڻ کپي. سڀئي حاضر مجلس ماڻھن گوشت مان ھٿ کڻي ڪڍيا. ۽ رکي ماني کائڻ ويٺا. پوءِ فرمايائون تہ ماڻھن کي سڃاڻ ڪانھي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ.

وَيُطْعِمُونَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا(الدھر: ٨)

ترجمو: (نيڪو ڪار ٻانھا) الله تعاليٰ جي محبت ۾ مسڪينن، ڇورڙن ٻارن ۽ قيدين بندين کي طعام کارائن ٿا .

۽ ماڻھو وري چون ٿا تہ **'ملان ۽ ڊنگ ۽ خير'** يعني خير رکو ملن ۽ ڊنگن يعني مشھور ماڻھن کي ڏجي، باقي مسڪين ويچارا ڇا ٿا.خليفي حاجي آدم کي حال پڇجي ويو ۽ ڏاڍو عجز ۽ زاري ڪيائين. پاڻ فرمايائونس تہ اي ادا! مسجد شريف ۾ ڪوڙ مسڪين بکيا ويٺا آھن انھن کي نٿو کارائين. باقي جيڪي اڳي کائي آيا آھن.تن کي پيو کارائين. اوھان سمجھو ٿا تہ پير کي کارايون تہ خوش ٿيندو.پر اسين پنھنجي کائڻ ۾ خوش ڪونہ آھيون. بلڪ مسڪين جي کارائڻ ۾ خوش ٿيندا سون. پوءِ سڀني کائڻ کان بس ڪئي ۽ خليفي آدم اھي مانيون جي بچيون انھن سان ٻيون مانيون ۾ پچرائي شامل ڪري مسجد شريف ۾ آڻي فقيرن کي ورھائي ڏنائين.

نقل16: پنھون فقير ماڇي ويٺل مانباڻ واقع ديھہ چاچڪن جي پر ڳٺي جو نقل ٿو ڪري تہ حضرت پير سائين قدس سرہ فرمايو تہ جيڪڏھن حياتيءَ مان رکو ھڪ ڏينھن باقي بچيل ھجي تہ انھيءَ ۾ ۾ ڪو وڻ پوکڻ کپي. ڇو تہ ان ۾ تمام وڏو اجر آھي. اي عزيز! وڻ پوکڻ مان مراد سندن صالح عمل ڪرڻ آھي. جيئن تہ قرآن مجيد ۾ ''كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ''(ابراھيم: ٢٤) ڏي اشارو آيل آھي.

نقل17 : خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ ٿو لکي تہ ھيڪر پاڻ مون کي ڳالھہ ٻڌايائون تہ ڪنھن وقت بودلو واھ ورتيون پي آياسون تہ وات تي جھنگل ۾ واھ جي ڀڪ سان ھڪ زال ۽ ڏاڙي مرد کي ڏٺوسون تہ پاڻ ۾ گڏيا ويٺا ھئا. ھينئر جڏھن ۾ انھن کي ڏسندا آھيون، تہ حياءَ کان منھن کڻي ھيٺ ڪندا آھيون. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ مومن جي عيب کي ڏسجي تہ ڍڪي ڇڏجي ۽ سندس پرده دري نہ ڪرڻ گھرجي.

ڪنھن دانا چيو آھي تہ:

بپوش گر بخطائے رسی وطعنہ مزن
کہ ہیچ نفس بشر خالی از خطا نبود

يعني :ڪنهن شخص جا ڪا خطا ڏسين تہ ان جو ستر ڪر ۽ طعنو نہ هڻينس. ڇو تہ ڪو بہ ماڻهو خطا کان خالي نٿو ٿي سگهي.

نقل18 : خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ لکي ٿو تہ حضرت مرشد معظم قدس سرہ هيڪر لاڙ جي سفر ۾ بهادر فقير نظاماڻي جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا. غلام علي پٽ بهادر نظاماڻيءَ جو زيارت ڪرڻ لاءِ ڪين پنهنجي حاويليءَ ڏي وڃي پيو هليو. ۽ آڻ بہ سندن خدمت بابرڪت ۾ ساڻ هوس ۽ مونکي هڪڙو ڪتاب 'ديوان مير' نالي ڌاهيل سيد جان شاه عنايتي جو، جو رهڙي جو ويڙل هو، سو ڪڇ ۾ هو. اهو ڪتاب انهيءَ ڏينهن غلام علي فقير نظاماڻي کان مطالعي لاءِ گهري ورتو هوم. پاڻ جڏهن حاويلي مان ٻاهر نڪتا؛ تڏهن پاڻ فرمايائون تہ هي ڪهڙو ڪتاب آهي؟ عرض ڪيم تہ حضرتا 'ديوان مير' جو نسخو آهي. مطالعي لاءِ غلام عليءَ کان ورتو اٿم. پاڻ فرمايائون تہ انهيءَ نسخي جو مطالعو ڪرڻ درست نہ آهي، ڇو تہ ڪافرن جو ٺهيل آهي.

اي عزيز! اهو سندن فرمودو هن لاءِ هو تہ انهن عنايتن فقيرن جي طريقي ۾ مسلمانن ۽ ڪافرن جو ڪو سنڌو ڪونهي. ۽ ڪائڻ پيڻ ۽ پين ڪمن ڪارن ۾ ڪجهہ فرق نہ ڪندا آهن. حالانڪ متقدمن خواهہ متاخرن مشائخن مان ڪنهنجو بہ اهڙو طريقو ڪونهي جنهن ۾ ڪافرن کي فقيرن سان نسبت ٿي سگهي ۽ قرآن مجيد ۾ بہ ارشاد ٿيل آهي:

لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّیْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ (الممتحنہ : ۱)

ترجمو: اي مومنو! منهنجي ۽ پنهنجي دشمنن يعني ڪافرن کي دوست ڪري نہ وڃو.

جڏهن تہ انهن عنايتين جي انهيءَ حڪم جي برخلاف ڪافرن سان دوستي آهي، تنهنڪري سندن ڪفر قرآن شريف جي نص سان ثابت ٿي رهي ٿو.

نقل19: هيڪر پاڻ شهداد پور جي پرڳڻي ديهہ جلوحي ۾ تشريف فرما ٿيا، اتان جون زالون سڀئي سڀيون پوشاڪون پهري ڳهہ ڳهٽا پائي هار سينگار ڪري زيارت لاءِ آيون هيون پاڻ انهن کي ڏسي کين فرمايائون تہ اي عورتون! انهيءَ سينگار کان جيڪڏهن خداتعاليٰ جي ذات ۾ پنهنجو منهن ڪارو ڪري اچو ها تہ ڏاڍو چڱو هو.

اي عزيز! سندن قول مبارڪ اڳين بزرگن جي مقولي موافق آهي جو فرمايو اٿن تہ ظاهري سينگار سان اندر جي خرابي پيدا ٿيندي آهي ۽ نفس جي مطلبن پوري ڪرڻ سان روح جي خرابي ٿيندي آهي. ۽ نفس جي خرابي مان روح جي آبادي حاصل ٿيندي آهي. ڪنهن بزرگ فرمايو آهي تہ:

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گر کنی یک آرزوئے خود تمام
از تو صد ابلیس زاید و السلام

يعني: جيڪڏهن پنهنجي نفس جي رڳي هڪڙي سڌ پوري ڪندين تہ تو مان سو ابليس پيدا ٿي پوندا.

نقل 19: پاڻ فرمايائون تہ هيڪر سياري جي موسم ۾ چلهہ تي باهہ ٻاريو وينا هئاسون تہ ايتري ۾ حضرت ميان صاحب ﷺ اتي تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون تہ چلهہ جي مٿان شيطان وينل آهي.

اي عزيز! سندن فرمودي مان معلوم ٿو ٿئي تہ جڏهن تہ باهہ تہ ويهندڙن ماڻهن کان گهٽو ڪري الله تعاليٰ جي ذڪر کان غفلت ٿي وڃي ٿي ۽ پاڻ ۾ ويهي بي فائدي ڳالهين ۾ مشغول ٿين ٿا، تنهنڪري گوياڪ شيطان باهہ تي وينو آهي، جو ماڻهن کي ايڏي نقصان ۾ وجهي ٿو.

نقل 21: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي چڙيمار شخص، ڪبوترن جي قاسائڻ لاءِ وڃي ڏيپي وڏي جڏهن ڳڇ ڪبوتر اچي قاتا تڏهن ڏوڙندو آيو ۽ هڪ هڪ ڪبوتر ڏٻيءَ مان ڪڍندو سندن جنگهون ۽ ڪنپ پيڇندو اچلائيندو پيو وڃي، اتفاق سان ان وقت سردي ڏاڍي هئي ۽ اتر جي ٺڏي هوا زور سان پي گهلي،جنهنڪري سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙ ڳڙ ڪيو پي اڙها،هڪڙو ڪبوتر سندس منهن ڏي ڏسي چوڙ لڳو تہ هن چڙيمار جو عجب انصاف آهي جو اسان قيدين لاءِ ويچارو اهڙو تہ رحم دل ۽ غمگين آهي جو اکين مان پاڻي جهل ئي نٿو ڏئيس. تڏهن ان ڪبوتر کي هڪڙي ٻئي ڪبوتر چيو تہ اڙي ڳهيلا! هن جي اکين ڏي نہ ڏس، بلڪ هٿن ڏي ڏسينس تہ کهڙي ڪم ۾ لڳل آهن.

اي عزيز!انهيءَ ماريءَ جي حال وانگر نفس جي تابعن جو رحم ۽ قياس ٻہ سمجهڻ ڪپي جو پنهنجي نفس جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ظلم کي رحم جي صورت ۾ پيا ظاهر ڪندا آهن.

نقل 22: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪ شخص پنهنجو ڪو ڍڳو پنهنجي گهر جي در وٽ ٻڌي بيهاريو هو. سياري جي موسم هئي ٺڏو واءُ ڏاڍي پئي لڳو. اتفاقاً انهيءَ رات ڪو شينهن ٻاهران آيو جنهن سندس ڍڳو ماري کائي ڇڏيو ۽ پاڻ انهيءَ جي جاءِ تي بيهي رهيو. اسر جو ڏاند جو مالڪ اکيون مهٽيندو ننڊ جي نشي ۾ اتان اچي لنگهيو ۽ شينهن کي پنهنجو ڍڳو سمجهي پنيءَ تي هٿ ڦيرائي چوڙ لڳس تہ ڏاند ٻڌارا! توکي تہ رات ڏاڍو سيءُ ٿيو هوندو؟ شينهن زبان حال سان چيس تہ هينئر اڃان رات جي اونداهي آهي ۽ تنهنجون اکيون ننڊ جي نشي ۾ ٻريل آهن. تڏهن ٿو اهي ڳالهيون ڪرين، پر جي ڏينهن ڏٺو هجي ها تہ منهنجي ڏسڻ سان هيانوَ قاتي پوئي ها.

اي عزيز! دنيا جو مثال رات وانگر سمجهہ. ننڊاکڙيون اکيون غافل ماڻهن جي دل واريون اکيون آهن، جي حرص ۽ هوا سان ٻريون پيون آهن. شينهن جي مثال خداتعاليٰ جل شانہ جا اولياء سڳورا آهن ۽ ڍڳي جهڙا آهن عامي ماڻهو . جن لاءِ ارشاد ٿيل آهي تہ،

أُولَٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ (الاعراف: ۱۷۹)

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ترجمو: اهي بي سمجھ ماڻھو ڊڳن ڊورن جھڙا آھن.

پوءِ غفلت وارا ماڻھو اولياءِ سڳورن کي عامين ماڻھن وانگر چاچو، مامو، پيءُ ۽ پٽ ڪري سمجھندا آھن ۽ سندن درجي ۽ قرب جي حقيقت کي پنھنجي حرص ۽ ھوا جي نشي پاران نہ ڏسي سگھندا آھن. جيئن ڪافر حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي حق ۾ چوندا ھئا تہ ،

مَالِهٰذَا الرَّسُوْلِ يَاْكُلُ الطَّعَامَ وَ يَمْشِیْ فِی الْاَسْوَاقِ (الفرقان: ۷)

ترجمو: ھن رسول کي ڇا ٿيو آھي جو طعام کائي ٿو ۽ گھٽين ۾ ٿو گھمي.

اشقیا را دیدہ بینا نہ بود
نیک بد در چشم شان یکسان نمود

يعني: بدبختن کي ڏسڻ واريون اکيون ڪونہ ھيون. تنھن ڪري چڱو ٻڇڙو سندن نظر ۾ ھڪ جھڙو ڏيکارجڻ لڳو.

جملہ عالم زین سبب گمراہ شد
کم کسی ز ابدال حق آگاہ شد

يعني: سارو جھان انھيءَ بي خبريءَ ڪري گمراھ ٿي ويو تنھنڪري ٿورا ماڻھن اللہ سائين جل شانہ جي ولين کان واقف ٿي سگھيا.

ہمسری با انبیا برداشتند
اولیا را ہمچو خود پنداشتند

يعني: انھيءَ بي خبريءَ ڪري نبين سان برابري ڪرڻ لڳا. ولين سڳورن کي بہ پاڻ جھڙو ڪري سمجھيائون.

گفت اینک ما بشر ایشان بشر
ما و ایشان بستۂ خوابیم و خور

يعني: چوڻ لڳا تہ اجھو اھي نبي ۽ وليءَ سڳورا بہ ماڻھو آھن اسين بہ ماڻھو آھيون ۽ کائڻ ،پيئڻ ۽ سمھڻ وغيره ۾ ھڪ جھڙا مقيد آھيون.

این ندانستند ایشان از عمیٰ
ہست فرقی درمیان بے انتہا

يعني: پر پنھنجي دل جي انڌائي کان ھي نہ سمجھي سگھيا تہ ڪو انھن ۽ خدا تعاليٰ جي خاص

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پانهن جي وچ ۾ تمام وڏو فرق آهي.

هر دو گون آهو گياه خوردند آب
زين يکی سرگين شد ز آن مشک ناب

يعني: ڏسو ته بن قسمن جا هرڻ هڪ جهڙو گاهه پاڻي کائن پيئن ٿا.پر هڪڙي مان رڳو قولڙيون پيدا ٿين ۽ ٻئي مان مشڪ خالص.

نقل 23: پاڻ فرمايائون ته هي جهان عالم ڪثرت جو جيڪو ظاهر نظر ۾ ڏيکارجي ٿو سو ڪل وهم ۽ رڳو خيال آهي، تنهن سان دل ٻڌڻ نه کپي چو ته هي ڪل عدم محض آهي جو حس بشري جي اک ۾ هست ٿو ڏيکارجي ۽ آهي حقيقت ۾ نيست .

جيئن ڪنهن بزرگ فرمايو آهي ته،

ترا هر دم کشد پندار هستی
ازيں هستی دريں عالم نرستی

يعني: توکي هر وقت هستيءَ جو وهم ماريو وجهي. جنهنکري هن جهان موهوم مان آزاد ٿي نه سگهئين ۽ هن فاني جهان لاءِ هُن باقي جهان کي وساري نه ڇڏڻ گهرجي .

جيئن ڪنهن بزرگ چيو آهي:

نمی گويم که از عالم جدا باش
بهر جائيکه باشی باخدا باش

يعني:هي ضروري نه آهي ته جهان کان جدا ٿي وڃي گوشي ۾ ويهي رهه، مگر مطلب هي آهي ته جتي به هجين اتي پنهنجي مولا پاڪ سان مشغول رهه،

پوءِ فرمايائون ته مبتدي يعني نئين طالب کي کپي ته هميشه پنهنجي پير جي صحبت ۾ رهي ۽ هڪ گهڙي به ان جي صحبت کان پاسي نه ٿئي چو ته.

يک زمانه صحبت با اولياء
بهتر از صد ساله طاعت بے ريا

يعني: ولين سڳورن سان گڏ جيڪڏهن هڪ گهڙي به ويهي صحبت ڪجي ته اها سون ورهين جي خالص عبادت کان وڌيڪ آهي.

طالب کي ،عام ماڻهن ۽ عورتن جي صحبت کان تمام پرهيز ڪرڻ کپيس. پر جي تقديرن پنهنجي مرشد جي صحبت کان جدا ٿي پوي ته ان وقت کپيس ته پنهنجي مرشد ڪامل جي مناقب، وعظ ۽ نصيحت جي ڳالهين ۾ مشغولي ڪري.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل24: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙو بادشاھ پنھنجي لشڪر ۽ پٽ سميت ڪنھن وات سان اونداھي رات ۾ پي ويو، اتفاقا شھزادي جي منڊي جنھن تي قيمتي موتي جڙيل ھو، سا ھٿ مان ڪري پئي ۽ پٽريلي زمين ۾ وڃائجي وئي. گھٽي ڳولا ڪيائون پر ھٿ ڪانہ آئي. بادشاھ چيو تہ اي پٽ! ھينئر جنھن جاءِ تي منڊي ڪري آھي اتان سڀ پٽريون ڀھاري ڪٽي ڪٽاءِ. پوءِ صبح جو ھلي ڏسجو تہ پاڻھئي منڊي ليپي پوندي. اھو نقل بيان ڪري پوءِ فرمايائون تہ ھي جھان بہ مثال اونداھي رات جي آھي، جنھن ۾ چگن ۽ بچڙن جو فرق گڏيو پيو آھي.

جيئن تہ حديث شريف ۾ وارد ٿيل آھي تہ ،

اَلنَّاسُ نِيَامٌ اِذَا مَاتُوْا اِنْتَبَھُوْا

يعني:ظاھري حياتيءَ وارا ماڻھو ننڊ پيل آھن ،جڏھن مرندا تڏھن اکيون پٽيندا ۽ سجاڳ ٿيندا. تنھنڪري ڪپي تہ ،

باشد ہر بیشہ گمان مبر، کہ خالی است
شاید کہ پلنگ خفتہ باشد

يعني: سڀ ڪنھن جھنگ ۾ اھو خيال نہ ڪندو ڪر تہ خالي آھي،متان ڪو شينھن لڪو پيو ھجي. سڀ ڪنھن ۾ چگو گمان رکڻ گھرجي ڇو تہ سياڻي پاڻ کي انھيءَ چگي گمان جو فائدو ملٹوئي آھي.

خورش دہ بہ کنجشک کبک و حمام
کہ یک روزت افتد ہماء بدام

يعني: عام طرح معمولي پکين، جھرکين ،ڪبوترن ۽ ڏيلن وغيره کي کاڌو ڏيندو رھہ تہ ھڪڙي ڏينھن ھما بہ تو وٽ اچي ڦاسندو.

ندانی کہ چوں راہ بردم بد وست
ہر کس کہ پیش آمدم گفتم اوست

يعني: ھي خبر اٿئي تہ مون دوست کي ڪيئن لھي ورتو، مون ھيءَ اٽڪل ڪئي تہ جيڪو پئي مليم تنھن کي پنھنجو دوست سمجھي وڃي پيو ھٿ وجھان پوءِ نيٺ اھڙي طرح مونکي دوست ملي ويو.

نقل25: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ھڪڙا بہ شخص سفر ۾ گڏجي نڪتا. ھڪڙو گھوڙي تي سوار ھو، ٻيو پيادو ھو، جنھن کي ھڪڙي لٹ بہ ساڻ ھئي، جا مٿي تي کنيون ايندو ھو. پوءِ جاڻي اچي منزل ڪندا ھئا، اتي گھوڙي وارو شخص پنھنجي گھوڙي جي خدمت ۽ مھٹ سھٹ ۾ مشغول ٿي ويندو ھو ۽ ڪٽ وارو پيادو پنھنجي ڪٽ وڃائي خوب آرام ۽ فرحت سان مٹس چڙھي وھندو ھو ۽ آسودگيءَ سان منزل ڪري اڀتي ھلندو ھو. ٻاھران جيڪو پيو ماڻھون ايندو ھو تہ اھو ائين ڄاڻندو ھو تہ اھو گھوڙو ھن ڪٽ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

واري شخص جو آهي ۽ هو گهوڙي وارو سندس سائيس آهي جو گهوڙي جي خدمت لاءِ ساڻس گڏجي آيو آهي. تنهنکري سيئي ماڻهون تعظيم تکريم انهيءَ کٽ واري شخص جي اچي پيا کن.۽ گهوڙي واري کي کوبہ کونہ پيو پڇي. پاڻ اهو مثال ڏئي فرمايائون تہ اهڙي طرح جيکو شخص هن دنيا فاني ۾ کٽ واري شخص وانگر تکليف ۽ بي ساماني ۾ گذاريندو. اهو آخرت ۾ قسمين قسمين انعام، اکرام ۽ عزت سان سرفراز کيو ويندو. ۽ جيکو گهوڙي واري شخص وانگر هن دنيا ۾ نفساني غرضن ۾ محو ٿي سڀني گذران ۾ گذاريندو،اهو قيامت جي ڏينهن سخت تکليف ۽ بي عزتي ۾ گرفتار رهندو.

نقل26: طيب فقير نقل ٿو کري تہ هيکر پاڻ درگاہ شريف واري مسجد ۾ وعظ کندي هي سنڌي بيت بيان فرمايائون:

چاريءَ جو چيو کري وڃ نہ واريائون
تڏهن ساريائون، جڏهن هين جو هل ٿيو.

پوءِ فرمايائون تہ اي يارو! اسان بہ چاريءَ جي مثال آهيون ۽ توهان کي کولي چتايون ٿا تہ هن بي بقا دنيا، اهل عيال ، ٻارن ٻچن ۽ مال دولت کان تعلق ڇني پنهنجي خدا تعاليٰ ڏي رجوع کيو. پوءِ جيکو سپاٽي قيامت ڏينهن حساب مهل عذر کندو ۽ حيلا هلائيندو تہ مونکي ان بابت خبر کا نہ هئي، تنهن جو عذر ٻڪل آهي ۽ حيلن هلائڻ مان کو فائدو نہ پهچندس.

جيئن تہ کنهن بزرگ فرمايو آهي:

تدبير خود امروز کن اے خواجہ کہ فردا
ہر چند کہ فرياد کنی سود ندارد

يعني: سردار پنهنجي ڳڻ کرٽي هجئي تہ اڄ ئي کر، ڇو تہ سپاٽي ڏاڍيون دانهون کندين پر ورندءِ کجهہ بہ نہ.

نقل 27: خليفو ميان اميد علي ٿو نقل کري تہ پاڻ فرمايائون تہ ماڻهن جا ٽي قسم آهن ، هڪڙا پير، ٻيا مير ۽ ٽيان تير.پير اهي آهن جن پنهنجي موهوم هستيءَ تي مغرور ٿي ، نفس ۽ شيطان جي ڏوکي ۾ اچي پاڻ کي پير سمجهي ، حقيقي پير جي صفتن کان خالي ٿيا وينا آهن. حق جو کلمو ٻڌو اڻ ٻڌو کري پنهنجي خيال جي پيروي ۾ مشغول ٿيا. رڳو انهيءَ خيال ۾ خوش آهن تہ اسين پير آهيون. ۽ ٻيا وري مير اهي آهن جي پنهنجي کامل پير جي چوڻ تي پاڻ عمل نہ کندا بلڪ ٻين کي پيا حڪم کندا ۽ ڏسيندا آهن تہ هيئن کيو هيئن کيو. هي آيت شريف بہ اهڙن بي عملن لاءِ وارد ٿيل آهي تہ،

اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ تَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ (البقره: ۴۴)

ترجمو: آيا ڪ ماڻهن کي تہ نيکيءَ جو حڪم کريو ٿا باقي پنهنجن نفسن کي وساري ٿا ڇڏيو؟

باقي جيکي تير آهن سي کامل جي فرمودي تي اهڙا تکا ۽ سڌا ويندا جئن تير نشان تي

سکندريہ پبليکشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

۽ اهي ئي ماڻهو آهن جي جلد پنهنجي مقصود کي پهچي وڃن ٿا.

نقل28 : محمد رحيم لوهر وينل ٽنڊي بهادر خان نظاماڻيءَ جو، نقل ٿو ڪري ته هيڪر سيد جان شاهه وينل ٽنڊي بهادر خان جو سندن حضور مبارڪ ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! اسين محرم مهيني ۾ امامن سڳورن جو ظهورو، ماتم ۽ افسوس ڪندا آهيون.پر توهانجا مريد نظاماڻي فقير اسانکي انهيءَ ڪم ۾ روڪ ٿا ڪن.تنهن ڪري سائين جن کين سمجهائي ڇڏين ته اسانکي ماتم کان نه روڪين. پاڻ فرمايائونس ته امامن سڳورن توهانجو ڪهڙو گناهه ڪيو آهي جو مٿن ماتم ٿا ڪريو؟ توهان افسوس۽ ماتم پنهنجي نصيب تي وڃي ڪريو.

نقل 29: پاڻ فرمايائون ته هيڪر ميان شاهه صاحب (يعني ميان عبدالرسول شاهه قدس سره جو سندن وڏو پاڻ هو.) اسان وٽ آيو ۽ اچي چيائين ته حضرت هينئر اسانکي دنياوي اسباب ڏاڍي هلاڪت ۾ وڌو آهي، تنهنڪري دل ٿي چوي ته سڀ شيءِ کي ترڪ ڏئي ڇڏيون. اسان کيس جواب ڏنو ته صفا ترڪ نه ڪجو ڪجهه بچائڻ ڪپي. کين ترڪ بابت هن ڪري ڪوشش سان صلاح نه ڏني سون،جو جنهن کي الله تعاليٰ جي محبت جي ذوق ۽ جذبي کان غير ترڪ ٿي ويندو آهي،ان کنهن کان به صلاح پڇڻ جو ضرور ڪونه رهندو آهي. باقي جيڪو بي کان صلاح اچي پڇي ۽ ٻئي جي صلاح ۽ چوڻ جو محتاج رهي ته ان کي ترڪ لاءِ صلاح نه ڏجي.

نقل30 : حضرت صاحبزاده مسند نشين قدس سره فرمايو آهي ته هيڪر پاڻ مونکان پڇيائون ته اي بابا! شعر ڏاهيندا آهيو؟ عرض ڪيم ته هائو سائين. پوءِ کي شعر پنهنجا ڏاهيل کين ڏيکاريم،پاڻ مطالعو ڪري تمام پسند فرمايائون ۽ چيائون ته اي بابا! اسين به پهرين وقتن ۾ شعر ڏاهيندا هئاسون.پوءِ هيڪر حضرت ميان صاحب قدس سره جن فرمايو آهي ته اي بابا شعر ڏاهڻ جو شوق نه رکو چو ته الله تعاليٰ شاعرن جي حق ۾ فرمايو آهي:

وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ (الشعراء: ۲۲۴)

ترجمو: شاعرن جا تابعدار گمراهه ماڻهو ئي ٿيندا آهن.

توڙي جو قرآن شريف ۾ اهل ايمان کي مستثنيٰ ڪيو ويو آهي. ته به اڪثر عالمن شعر کي عيب سمجهيو آهي. جيئن امام شافعي رضي الله عنه کان منقول آهي.

نقل31 : خليفو اميد علي نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته جيڪو هميشه ڏينهن جو سرمي پائڻ جي عادت ڪري ڇڏيندو، اهو نيٺ هڪڙي ڏينهن انڌو ٿي پوندو. خليفو محمود رحمه الله لکي ٿو ته سائين جن جي ڪلام مبارڪ جي سچائي جو اثر عجب طرح ڏنو ويو جو هڪڙي شخص جي هميشه عادت هوندي هئي جو ڏينهن جو سرمو گهٽو پائيندو هو. هيڪر مون کيس جهليو ته ڏينهن جو سرمي پائڻ بابت مون جهل ڀڏي آهي. پر هو فقير نه مڙيو ۽ نيٺ ٿورڙي ئي مدت ۾ انڌو ٿي ويهي رهيو.

نقل32: هيڪر پاڻ فقيرن کي نصيحت ڪندي فرمايائون ته ڪي فقير مُلن جي پوئتان نماز نٿا پڙهن ۽

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چون ٿا تہ ملن جي پوئتان نماز درست نہ ٿيندي. تن جي حال کان اسانکي عجب ٿو لڳي تہ هو پاڻ کو موحد ٻہ پيا سڏائن ۽ ڳالهيون ٻہ توحيد جون ڏگهيون ڏگهيون ڪن تہ جيڪي آهي سو خداتعاليٰ آهي ۽ غير کي وجود ئي ڪونهي. تڏهن ٻہ ايترو فرق ۽ تفريق وجهيو اچن.

نقل33: هيڪر پاڻ وعظ ۾ فرمايو هئائون تہ ڪوريئڙن جو ڇارو جيڪو گهرن ۾ ڪاهيندا آهن. اهو روز ڏاهي لاهي ڇڏجي ڇو تہ انهيءَ ڪري ڏڪ ۽ غمگيني نازل ٿيندي آهي. ۽ گهرکي ڇيٽن سان ليپو ٻہ نہ ڏجي ڇو تہ ڇيٽن جي ڪري رحمت جا ملائڪ انهيءَ گهر ۾ داخل نہ ٿيندا.

نقل 34: پاڻ وعظ ۾ فرمايائون تہ ماڻهو جڏهن ڄمندو آهي تڏهن روئيندو ايندو آهي. پوءِ جي مرڻ مهل ٻہ روئيندو ويو تہ ڇئبو ماڻهو نہ آهي حيوان آهي. بلڪ سمجهڻ ڪپي تہ اهو شخص وڏي خطري هيٺ آهي. گهرجي تہ اهڙي طرح حياتي گذارجي جيئن مرڻ مهل خوشي سان ڪلندو وڃي.

ڪنهن شاعر ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي:

یاد داری کہ وقت زادن تو
ہمہ خندان بودند تو گریان
آنچنان زی کہ وقت مردن تو
ہمہ گریان بودند تو خندان

يعني: ياد اٿئي تہ جڏهن تون ڄائو هئين تڏهن ٻيو سيڪو پي ڪليو ۽ تون رنين پي ، هينئر دنيا ۾ اهڙي طرح جيءُ جو جڏهن هتان لڏڻ جو وقت ٿيئي تہ تون ڪلندو وڃين ۽ ٻيا سپ تو لاءِ روئندا رهن.

انهيءَ موقعي تي خواجہ يحييٰ منيري قدس سره جي ’ مڪتوبات‘ ۾ نقل آندو اٿن تہ هڪڙي بزرگ کي جڏهن وفات جو وقت ويجهو آيو، تڏهن ان کي ڏنائون تہ ڪلمو لڳو. ماڻهن پڇا ڪيس تہ توهان جو عجب جهڙو مرڻ آهي جو سڪرات جي وقت ڪلمو شروع ڪيو اٿو. انهيءَ بزرگ سندن جواب ۾ هي بيت پڙهيو:

خوبرویان چو پردہ بر گیرند
پیش شان عاشقان چنان میرند

يعني: جڏهن محبوب پردو پاڻ تان پاسي ڪري پنهنجي تجلي کان سرفراز فرمائيندا آهن تہ انهن جي اڳيان عاشق اهڙي طرح ڪلي ساهہ ڏيندا آهن جيئن آءُ ڏيان ٿو.

نقل35 : پاڻ فرمايائون تہ اسان کي حضرت والد معظم ميان صاحب قدس سره جن فرمائيندا هئا تہ اي بابا! توهان سان هي جيڪي ڪماليت ۽ احوال جا گفتا ڪيا وڃن ٿا ،تنهن لاءِ جيڪڏهن اوهان کي الله تعاليٰ جل شانہ پنهنجي فضل سان انهيءَ مقال جو حال نصيب ڪيو تہ پاڻهي عجب لذتون ۽ ذوق شوق ڏسندؤ ۽ قدر پوندو. پر جيڪڏهن اهو حال ميسر نہ ٿيو تہ اسانجون هي مڙئي ڳالهيون اوهان کي ٻڌاڪ ۽ ڏاڙ سمجهڻ ۾ ايندیون.

سكندريه پبليكشنز ، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

نقل36: هيڪر پاڻ وعظ ۾ فرمايائون تہ ٽي شخص پنهنجن بدخصلتن ۾ هڪ جهڙا آهن. هڪ گلاخور چغل، ٻيو ڪوڙوار ۽ ٽيون ٻنين جو ڪارائو. جيڪو شخص انهن ڪمن مان ڪنهن ٻہ ڪم تي ٽي سال ساندهہ همشگي ڪندو تہ پڪ ڄاڻو ان کي ايمان ڪونهي.

نقل37: پاڻ فرمايائون تہ شيطان جو الله تبارڪ و تعاليٰ جي درگاهہ مان تڙجي ويو ۽ رحمت عام کان نا اميد ۽ محروم رهجي ويو،تنهن جو سبب اهو هو جو الله تعاليٰ جي حڪم کان انڪار واريائين.۽ حڪم جي انڪاري هڻ ۽ حسد جي پاران ڪيائين. ۽ حسد هن سببان ٽيس تہ جڏهن خبر پڏائينس تہ الله تبارڪ و تعاليٰ زمين ۾ خليفو پيدا ڪندو.تڏهن دل ۾ پڪ سمجهي وينو تہ جيئن آسمانن ۾ آئون خليفو ۽ ملائڪن جو استاد آهيان، اهڙي طرح زمين جي خلافت جو ڇڇ ٻہ منهنجي مٿي تي رکيو ويندو. پر جڏهن سندس خيال جي برخلاف خلافت جي عزت حضرت آدم عليہ السلام کي مرحمت ٿي تہ ابليس کي حسد جي باهہ وٺي وئي ۽ سندس جان کي جلائي ڦٽو ڪيائين. ۽ حضرت آدم عليہ السلام جي مٿان وڏائي ۽ هڻ ڪرڻ جو بيان هن آيت شريف ۾ آهي تہ ،

خَلَقْتَنِیْ مِنْ نَّارٍ وَّ خَلَقْتَهٗ مِنْ طِیْنٍ (الاعراف: ۱۲)

ترجمو: اي رب العالمين! مونکي باهہ مان (جا جوهر لطيف آهي) پيدا ڪيو اٿئي ۽ حضرت آدم کي مٽيءَ مان (جا جسم ڪثيف آهي) خلقيو اٿئي.

بس انهن ٻن خصلتن تڪبر ۽ حسد جو نتيجو اهو نڪتو جو فرمايو ويوتہ ،

اِنَّ عَلَیْكَ لَعْنَتِیْۤ اِلٰی یَوْمِ الدِّیْنِ(ص: ۷۸)

ترجمو: قيامت تائين لعنت جو طوق ڳچيءَ ۾ پئجي ويس.

اي عزيز! انهن ٻنهي شيطاني خصلتن کان پاڻ کي بچائي رکجي.

نقل38: ميڏنو فقير پليجو نقل ٿو ڪري تہ هيڪر درگاهہ مبارڪ تي سندن حضور پر نور ۾ حاضر هوس تہ ابراهيم فقير وينل قيصر نظاماٽيءَ جو. جو سائين جن جي سچن مريدن ۽ خاص معتقدن مان هو، ڳوٺ وڇڻ لاءِ موڪل گهرڻ آيو ۽ پنهنجي دنياوي اسباب جي مشغولي بابت معذرت پئي ڪيائين ۽ دعا لاءِ التجا عرض رکيائين. پاڻ پنهنجي رحم دلي ۽ ڪريم طبعي سان ڪيس دلاسو ڏئي دلجوئي پئي فرمايائون ۽ ارشاد ڪيائونس تہ تنهنجو اهو اسباب جو نفساني غرضن کان خالي آهي، سو الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ ترڪ جهڙو آهي. اتي هڪڙو فقير هو، تنهن عرض ڪيو تہ حضرتا! منهنجي دل ۾ گهٽا ٻيرا خيال اٿيو آهي تہ جيڪر انُ ڪائڻ ترڪ ڪجي. هينئر اهو خيال دل ۾ محڪم ٿي ويو آهي تہ ان تي عمل ڪجي. پاڻ اها ڳالهہ ٻڌي جوش ۾ آيا ۽ فرمايائون تہ ادا! ڪاڌي جي ڦٽي ڪرڻ سان الله تعاليٰ حاصل ڪونہ ٿيندو. بلڪ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪاڌي جو اهڙو خيال لڳو لڳ دل ۾ وارد ٿيندو جو اهو خيال دل تي اَنَّ جي صورت ۾ چٽجي رهندو ۽ الله تعاليٰ عزاسمه اسان جي مريدن کي ڪائڻ پيئڻ ۽ هيڏي هوڏي اچڻ وڇڻ هوندي ٻہ مطلوب حقيقي سان پهچائي ٿو ڇڏي.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل39: هيڪر پاڻ وعظ ۾ پي فرمايائون تہ اي دوستو! خيال ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن ڪو هڪڙو ماڻهو هن دنيا بي بقا مان لڏي هلي ٿو تہ ٻيا سندس عزيز، دوست باوجود يڪ پاڻ ۾ آهن بہ گهڻا ۽ دنيا جي ڪشادين جاين ۾ رهن پيا، تہ بہ ان هڪڙي ڇڻي جي جدائيءَ ۽ درد ۾ ڪيترو ڏڪ ۽ ارمان ڪن ٿا ۽ روئن پٽين ٿا. پر هو ويچارو جو هيڪلو پنهنجن يارن متن مائٽن کان ڇڄي، جدائيءَ جي داغ ۾ سڙي پچي هڪ اونداهي ۽ سوڙهي ڪڏ ۾ ٿو ٽڪاٽو ڪري ۽ بنا ٿمر جي اڻ ڏٺي سفر تي پنڌ ٿو پوي، ان جو ڪهڙو نہ پريشان حال هوندو؟ پوءِ ڪپي تہ انهيءَ هيڪلائي جي وقت لاءِ هتان کا سنبت ڪري هلجي.

شب گور خواہی منور چو روز
ازين جا چراغ عمل بر فروز

يعني : جي قبر جي اونداهي رات ڏينهن جهڙي روشن گهرجئي تہ ائين هتان ئي ڪو عمل جو ڏيئو ٻاري ڪٽي هل.

نقل40 : خليفو سيد نالي منو نقل ٿو ڪري تہ پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪو 'بي ايمان' سڏي تہ ان کي ويچار ڪرڻ گهرجي ۽ دل ۾ خيال ڪري ڏسي تہ آءٌ واقعي مؤمن آهيان؟ جيڪڏهن مؤمن آهي تہ پوءِ مٿس رنج نہ ٽيڻ کپي ڇو تہ ان جو چوڻ اجايو آهي. ۽ سندس چوڻ سان بي ايمان نہ ٿي سگهندو بلڪ پاڻ چوندڙ گهنگار ٿيندو،جنهن جي جزا ڪيس پهچڻي آهي ۽ جيڪڏهن ڪوئي شخص ڪيس ' ولي' ڪري سڏي تہ بہ دل ۾ ويچار ونڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ولي نہ هجي تہ خوش نہ ٽيڻ کپيس.

اي عزيز! سنڊن انهيءَ فرمودي ۾ معنيٰ رکيل آهي. ڇو تہ سندس حق ۾ جو بي ايمان يا ولي جو لفظ ڪنهن بہ شخص ڳالهايو تہ اها بہ 'ڪليم' جي صفت سمجهي،. پوءِ نظر ڪري ڏسي ۽ پنهنجن افعالن کي انصاف جي تارازي ۾ توري. جيڪڏهن بچڻا ڪم نظر اچنس تہ انهن کان توبہ تائب ٿي، خدا تعاليٰ جو حمد بجاءِ آڻي ۽ آئيندہ تقدير جي مخالفت کان خوف ۾ رهندو اچي ۽ مغروريءَ ۾ نہ پئجي وڃي.

نيک باشی و بدت گويد خلق
بہ کہ بد باشی و نيکت بينند

يعني: جيڪڏهن چڱو هجين ۽ ماڻهو توکي بچڙو سڏين تہ اهو چڱو اٿئي، جو هجين بچڙو ۽ ماڻهو توکي چڱو ۽ نيڪو ڪار سمجهن.

نقل41: طيب فقير راهوڪڙو رهندڙ ديهہ ڪنڊرن جو، جو اها روپاهہ جي پرڳڻي ۾ هڪڙي ديهہ آهي. سو نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ درگاهہ مبارڪ جي مسجد شريف ۾ فقيرن سان وينا هئا، ۽ نصيحت چوندي فرمايائون تہ اي يارو! ماڻهو جيڪي هن جهان ۾ کاڌو پيتو يا لباس وغيره نعمتون واپرائي ۽ استعمال ۾ ٿو آڻي سي مڙئي سندس آخرت واري سرمائي مان کيس پهچن ٿيون. تنهنڪري جيڪو هن

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جهان ۾ پنهنجي نفساني سڏن ۽ جسماني لذتن يعني کائڻ پيئڻ ۽ پوشاکن ۾ زيادتي ڪندو، سو پنهنجي آخرت واري موڙي دنيا ۾ ئي لٽي ڇڏيندو ۽ قيامت ۾ سجو، مايوس ۽ محروم ٿي اٿندو. ۽ جيڪو هن جهان ۾ جو مختصر گذران جي جاءِ آهي، قناعت سان گهرج آهر دنياوي شيون پنهنجي ڪتب آڻيندو سو آخرت جون وڏيون نعمتون ۽ لذتون حاصل ڪندو. ۽ اڳتي هلي پنهنجي سموري تڪليف جي ڪسر اتي موجود ڏسندو.

نقل42: بچو فقير مگريو نقل ڪري ٿو ته پاڻ فرمايائون ته هاڻوڪن موحدن جي حال جو اسانکي عجب ٿو لڳي جو ظاهري عبادت کان آرس ۽ ملولائي ۾ گرفتار پيا رهن ۽ عبادت جي ڪمن ۾ دل ڪانه ٿا رکن، جيڪڏهن اهي ماڻهو واقعي موحد هجن ها ته سندن اهڙو حال هرگز نه هجي ها. ڇو ته موحد کي ڪنهن بہ ڪم ۾ دل جي گراني ۽ ملولائي ڪانه ٿيندي آهي. پوءِ هي جو ظاهري عبادت کان تنگ ٿي پون ٿا تن کي ڇا چئجي. شايد ته موحد نه آهن بلڪ ملحد آهن.

نقل 43: ميڏنو فقير پليجو نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون درگاه مبارڪ تي حاضر هوس ته يعقوب فقير کي (جو سائينجن جي خاص مريدن ۽ جذب ۽ حال وارن شخصن مان هو) سندن پيٽ جي وفات جي خبر ڳڻان پهتي. جنهن جي ٻڌڻ ڪري ويچارو اهڙو ته غمگين ۽ ڏکارو ٿيو جو بي اختيار سندس اکين مان ڳوڙها وهي پيا. پين فقيرن هن جي اها حالت ڏسي مٿس طعن زني ڪرڻ لڳا ته هونءَ ته مجذوبي ۽ حال جون وڏيون دعوائون ۽ توحيد جون ڳالهيون ڪندو آهين.هينئر اُهي حالتون ڪيڏانهن ويون جو پيٽ جي وفات جو احوال ٻڌي روئڻ لڳو آهين؟ پوءِ جڏهن پاڻ خير سان مسجد شريف تشريف فرما ٿيا،تڏهن يعقوب فقير پنهنجي همشيره جي وفات ۽ فقيرن جي طعنہ زني بابت جو بي اختياري روئڻ جي ڪري سندس حال تي ڪئي هئائون تنهن جي سموري حقيقت سائين جن جي آڏو عرض ڪئي. پاڻ اها ڳالهہ ٻڌي جوش سان فرمايائون ته اُهو ڪهڙو آهي جيڪو توتي انهيءَ روئڻ بابت عتاب ڪري ٿو؟ انهيءَ کي مون وٽ ته ونڊي آءُ. هي قرب ذاتي آهي جيڪو اڻ مٽ آهي ۽ ٻيو قرب صفاتي ٿيندو آهي. صفاتي قرب اهو جو ڪنهن عارضي ڪري بر طرف ٿي وڃي. پوءِ فرمايائون ته پنهنجي دل جي مخفي راز جي ڳالهہ پنهنجي مرشد ۽ پنهنجي والد کانسواءِ ٻي ڪنهن سان بہ نہ ڪرڻ گهرجي پوءِ توڙي ڪٽي سندس دلخواه دوست ۽ گهرو يار هجي ته بہ دل جو راز ان کان مخفي رکڻ ضروري آهي.

تاتوانی راز دل با یار جانی ہم مگو
یار را یاری بود از یار یار اندیشہ کن

يعني: جيستائين ٿي سگهي ته پنهنجي دل جو راز پنهنجي سچي دوست کي بہ نہ ٻڌاءِ ڇو ته ان کي وري ڪو ٻيو دوست هوندو. انهيءَ يار جي يار کان ڊپ رک.

نقل44: هيڪر پاڻ نقل فرمايائون ته حضرت سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سره جي پاڙي ۾ هڪڙو يهودي شخص رهندو هو.سو ڪنهن ڏينهن هڪڙي مسلمان سان وات ۾ گڏيو پي ويو.

مسلمان انهيءَ يهودي کي چيو تہ اي يهودي هيترا سارا ورهيہ حضرت شيخ جي پاڙي ۾ گذاريا اٿئي تہ بہ ايمان اسلام ۾ داخل نہ ٿيو آهين؟ ۽ يهودي رهيو آهين؟ يهودي جواب ڏنو تہ جهڙي استقامت حضرت شيخ صاحب کي اسلام تي آهي، اهڙي مونکي حاصل ڪانہ ٿي سگهندي. جي اهڙي استقامت ٿي سگهي تہ جيڪر هينئر وجي مريد ٿيان باقي جيڪو توهان جو اسلام آهي تنهن کان تہ اسان جو دين تمام چگو ۽ بهتر آهي.

نقل45: پاڻ فرمايائون تہ بيهودي ۽ اجائي گفتگو مان حسد ، هڻ ۽ پريشاني پيدا ٿيندا آهن. هڻ ۽ حسد وري ٻين سيني گناهن جي ماءُ آهن، جو سڀ بي فرمانيون اتان پيدا ٿيون ٿين.

اي عزيز! انهي سيني بدعادتن کي "لَا" جي ترار هيٺ آڻي ڇڏجي ۽ بجاءِ ان جي اِلَّاللّٰهُ کي اثبات ڪجي.

نقل46: قائم فقير نظاماڻي وينل جهالار جو نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ ٽنڊي بهادر فقير نظاماڻي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، نصيحت ۽ وعظ ڪندي فرمايائون تہ لاڙ جي ماڻهن کي گهڻو ئي چيوسون پر اسانجي چوڻ مان حال کي قال ۽ قال کي حال سمجهي وينا ۽ هي بہ فرمايائون تہ طالب کي درياءُ وانگر ٿيڻ کپي ۽ ڏهو نہ ٿيڻ گهرجيس جو هڪڙو پٽَر پئجي وڃيس تہ بہ ميرو ۽ مٽيل ٿي پوي.

نقل47 : خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ مثال طرح بيان فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪو حوض پليت پاڻي سان پريل هجي.۽ منجهس چار واهيون پليت پاڻيءَ جون چَئِني طرفن کان پيون وهن تہ پوءِ انهيءَ حوض جي پاڪائي لاءِ ڪيتري بہ ڪوشش ڪبي ۽ دلن سان پاڻي ڪڍبو تہ بہ نہ سندس پاڻي گهٽبو ۽ نڪي حوض ئي پاڪ ٿيندو. تنهن ڪري انهيءَ حوض جي پاڪائي لاءِ هي مصلحت ٿي سگهندي جو پهريان تہ اهي پليت پاڻيءَ جون واهيون جي منجهس پيون وهن سي بند ڪرڻ کپن. پوءِ جيڪو پاڻي پليت اندر هجيس سو ڪڍي صاف ڪري ڏوئي ڇڏجيس تہ پاڪ ٿي پوندو. پوءِ وري چٽو ڪري ٻڌايائون تہ انسان جي دل حوض جي مثال آهي ۽ سندس حواس ۽ رڳون جي غير مشروع ڪمن جي استعمال ۽ بيڻن خيالن سان پريل آهن سي پليت پاڻيءَ جون واهيون آهن. ۽ ذڪر فڪر جا شغل دل جي حوض پاڪ ڪرڻ لاءِ دلي جي مثال آهن. پوءِ جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجن اندروني ۽ بيروني حواسن کي غير مشروع ڪمن کان بند نہ ڪندو تہ انهيءَ جي دل جي صفائيءَ لاءِ ذڪر فڪر مان ڪو فائدو ڪونہ ٿيندو. تنهنڪري کپي تہ پهريان پنهنجا حواس ناجائز ڪمن کان بند ڪري پوءِ "لَا" واري دلي سان اڳين پليتي کي نفي ڪري ڇڏي تہ پوءِ دل وارو حوض صاف ۽ پاڪ ٿي پوندو. ڪنهن بزرگ کڻو نہ چگو چيو آهي:

لب بہ بند و چشم بند و گوش بند
گر نہ بيني سر حق بر ما بخند

يعني: غير مشروع ۽ جهليل ڪمن کان پنهنجا چپ ، اکيون ۽ ڪن بند ڪر، پوءِ جي خداتعاليٰ

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جا اسرار نہ ڏسين تہ اسان کي ميار ڏج.

نقل48: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ نقل فرمايائون تہ هڪڙو شخص الله تعاليٰ جو طالب مڪاشفي وارن مان هو تنهن جي پيءُ گذاري ويو ،پوءِ اهو شخص پنهنجي پيءُ جي قبر تي سندس احوال ۽ خبر معلوم ڪرڻ لاءِ مراقبي ۾ ويٺو.مراقبي منجهه ڪيس ڏسڻ ۾ آيو تہ قبر منجهه اندر هڪڙو ڪوئو وتي گهمندو ڦرندو.تي ڏينهن لڳو لڳ مراقبو ڪيائين ٽيئي ڏهاڙا اهو ڪوئو اندر گهمندي نظر آيس. ٽئين ڏينهن قبر تي ويٺو هو تہ ان کوئي ڪنانس پڇيو تہ هت ڇا ٿو ڏسين؟ جواب ڏنائين تہ پنهنجي پيءُ کي ٿو نهاريان. ڪوئي چيس تہ آءُ تنهنجو پيءُ آهيان. دنيا ۾ آءُ حريص هوندو هوس جنهن ڪري مون کي قبر ۾ ڪوئي جي شڪل ۾ بدلائي ڇڏيون اٿن.اهو بيان ٻڌائي پاڻ فرمايائون تہ سڀ ڪنهن ماڻهو جي شڪل محمدي (صلی اللہ علیہ وسلم) صورت تي آهي. ۽ انهيءَ صورت تي ڪوبہ حساب ۽ گرفت جو قلم ڪونهي. پر انهيءَ صورت جو قائم رهڻ تيستائين مشڪل آهي جيستائين تخلق با خلاق محمدي (صلی اللہ علیہ وسلم) حاصل نہ ڪيو وڃي يعني سندن متابعت ۾ قدم بقدم عمل ڪيو وڃي. پوءِ جنهن شخص کي محمدي اخلاق حاصل آهن تہ ان کي صورت جي متجڻ جو ڪوبہ خوف نہ آهي ، حساب۽ عذاب کان بہ آزاد رهندو. باقي بچڻين عادتن ۽ بد ڪمن ڪري ماڻهوجي صورت انهن ڪمن جي موافق ڪنهن نہ ڪنهن حيوان سان متجي ويندي پوءِ جنهن کي حسد ۽ جهيڙي جي عادت هوندي ۽ ٻئي کي پاڻ جهڙو نہ سمجهندو هوندو تہ ان کي ڪتي جي شڪل ۾ متايو ويندو. ۽ جنهن کي شهوت جي غلبو هوندو ۽ ناجائز شهوت راني ڪندو تہ مرڻ بعد ان جي شڪل گڏهه جهڙي ٿي ويندي. اهڙي طرح ٻيون بہ بد عادتون سمجهڻ گهرجن ۽ انهيءَ تي مثنوي شريف مان هي بيت شاهد آندائون:

ہر خیالی کو کند در دل وطن
روز محشر صورتی خواہد شدن

يعني: جيڪو بہ خيال اسان جي دل ۾ جاءِ ڪندو تہ اهو خيال قيامت جي ڏينهن صورت ونڊي ظاهر ٿيندو.

نقل 49 : خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر سندن حضور پر نور ۾ هڪڙي شخص عرض ڪيو تہ حضرتا! سائين جن جون فرمايل ڳالهيون ۽ نصيحتون هوند ماڻهن کي ٻڌائجن تہ کين ڏاڍو فائدو حاصل ٿيندو. پاڻ فرمايائون تہ اي يار! نصيحت جي ڳالهين ٻڌڻ مان مطلب آهي تہ ان تي عمل ڪجي اهو غرض نہ آهي تہ ٻين کي ٻڌائجي ۽ پاڻ ڌلهو رهجي وڃجي. جئين الله تعاليٰ جل شانہ اهڙن ماڻهن جي حق ۾ فرمايو آهي تہ ،


اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ تَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ (البقره: ۴۴)

ترجمو: آياڪ ماڻهن کي نيڪي جو حڪم ڪريو ٿا باقي پنهنجن جندن کي وساري ٿا ڇڏيو؟

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 50: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ طالب کي جيتري قدر بہ ڪماليت ۽ فيض حاصل ٿئي ۽ حال نصيب ٿئيس تہ انهيءَ کي الله تعاليٰ ڏي سونپي. يعني ائين سمجهي تہ اوڏاهون جي مهرباني شامل حال ٿي آهي. پر جي انهيءَ مرتبي کي نہ ٿو پهچي سگهي تہ پوءِ پنهنجي مرشد کي سونپي تہ اهو بہ افضل اٿس. پر جيڪڏهن نفس جي حوالي ڪيائين يعني پنهنجن ڪوششن ، لياقت ۽ حقداري جو نتيجو ڄاتائين تہ پوءِ نفس تہ اصل کان خيانتي آهي. اهو سڀ فائدو برباد ڪري ڇڏيندس.

نقل 51: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ حديث شريف ۾ آيل آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن اصحابن سڳورن کي الله تعاليٰ جل شانہ جي وات بابت مثال طرح هي دائرو ۽ ليکا ڪڍي ڏيکاريائون ۽ فرمايائون تہ هدايت جو رستو هن طرح آهي، جو ان جي چوڌاري نفس ۽ شيطان ويٺل آهي:



پوءِ پاڻ اهو بيان ڪري فرمايائون تہ جڏهن طالب الله تعاليٰ جل شانہ جي وات ۾ پير ٿو رکي تہ نفس ۽ شيطان جي وات تي ويٺا آهن، سي ڪيس هيڏي يا هوڏي اڇلائي ٿا ڇڏن ۽ منزل جي آخر تائين سندن ڪوشش ۽ جهيڙو جاري رهي ٿو تان تہ طالب وڃي امن جي دائري ۾ داخل ٿئي. تہ پوءِ نفس ۽ شيطان جي مڪرن کان ڇٽي پوي ۽ آزاد رهي ٿو. باقي جيستائين وات ۾ آهي تيستائين شيطان جي گمراهي واري ڪن ۾ پوڻ جو هيمشہ ڊپ اٿس.

انهيءَ هنڌ خليفو محمود ﷺ لکي ٿو تہ رستي مان مراد "لَآ اِلٰهَ" واري منزل آهي ۽ دائري امن جي مان مقصود "اِلَّا اللهُ" جو مقام آهي. پوءِ جڏهن طالب "لَآ اِلٰهَ" جي وادي کان منزل هٽي "اِلَّا اللهُ" جي منزل وٽ اچي پهچي ٿو تہ پوءِ هو امن جي دائري ۾ پهچي ويو. جيئن حديث شريف قدسي ۾ وارد ٿيل آهي تہ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ حِصْنِيْ فَمَنْ دَخَلَ حِصْنِيْ اَمِنَ مِنْ عَذَابِيْ

يعني: (الله تعاليٰ جل شانہ فرمائي ٿو تہ) لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ منهنجو ڪوٽ ۽ قلعو آهي. پوءِ جيڪو شخص منهنجي قلعي ۾ داخل ٿيو اهو منهنجي عذاب کان ڇٽو. هي ڳالهہ بہ اهل معنيٰ وٽ پڌري آهي تہ الله تعاليٰ جل شانہ ساري موجودات ۽ مخلوقات يعني خلقيل شين تي قادر آهي. مگر پنهنجي ذات تي قادر نہ آهي. پوءِ جيڪو شخص سندس ذات ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏيندو، تہ اهو سندس عذاب کان امن لهندو. ويچار ڪري ڏسو تہ لوڻ جي ڪاڻ ۾ جيڪڏهن ڪابہ شيءِ وڃي پوندي آهي تہ پنهنجي حقيقت کان متجي لوڻ جي صورت ونڊي ويندي آهي، پوءِ الله تعاليٰ جلشانہ جي ذات پاڪ تہ لوڻ کان بي

حد گهٽي قادر ، قوي ۽ محيط الكل آهي. تنهنكري سندس ذات پاڪ ۾ محو ٿيندڙ كيئن نه پنهنجي حقيقت كان متجي سندس صفتن سان متصف ٿي سگهندا.جڏهن اهو كاڻ وارو مثال سمجهيو ويو ته ''كُنْتُ كَنْزًا مَّخْفِيًّا''واري كاڻ جو راز به معلوم كرڻ گهرجي، جو الله تعاليٰ جل شانه فرمائي ٿو ته آءُ هك ڳجهيءَ مخفي كاڻ هوس جو پوءِ ظهوري جي حب ۽ عالم شهود ۾ جلوو كيم. انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته هي ساري موجودات ، اظلال ، اسم ۽ صفتون وغيره سڀ انهيءَ خزاني ۾ موجود مخفي هئا.

جو پوءِ ''خَلَقْتُ الْخَلْقَ''جي اشاري سان عالم شهود ۾ آيل آهن. ڇو ته هت خلقت بمعنيٰ اظهار جي آهي. پر جيكڏهن هي شيون انهيءَ خزاني ۾ موجود نه هجن ها ته پوءِ هن جهان جي ميدان ۾ سندن ظهور كهڙي طرح ٿي سگهي ها؟ چوته عدم محض عدم ئي آهي. باقي جيكي موجود هو تنهنجو وجود به موجود هو . انهيءَ مان معلوم ٿيو ته هن وجود ۽ بود (هجڻ) جڏهن وري پنهنجي اصل ڏي رجوع كري كاڻ مخفي ۾ فناءَ اختيار كيائين ته''كُنْتُ كَنْزًا مَّخْفِيًّا'' سان ڳنڍجي ويندو ۽ اضافت وارو پردو ساقط ٿي ويندو پوءِ امن حاصل ٿي پوندس.

مثنوي شريف ۾ كهڙو نه چگو چيل آهي:

چوں كه بے رنگی اسير رنگ شد
موسیٰ با موسیٰ در جنگ شد

يعني: جڏهن بيرنگي اچي رنگ جي قيد ۾ گرفتار ٿي. ته موسيٰ ،موسيٰ سان مخالف ٿي پيو، يعني وحدت جو مظاهرن ۾ جلوو ،متفق الحقيقت اشياءَ جو نماءُ مختلف ظاهر كري ٿو.

چوں به بے رنگی رسی كان داشتی
موسیٰ و فرعون دارند آشتی

يعني:جڏهن انهيءَ بيرنگي كي پهچندين جا اصلي حقيقت هئي ته پوءِ موسيٰ ۽ فرعون به پاڻ ۾ دوست نظر ايندءِ.

يعني مختلف نماء جون شيون به هك حقيقت هيٺ نظر ايندين ۽ اختلاف نه رهندو.

نقل52: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ٿو كري ته هيكر پاڻ ظاهري سبق جي وٺڻ ۾ دير كرڻ سبب صاحبزادي والاتبار ميان محمد ياسين شاه قدس سره تي جوش فرمايو هئائون ۽ فرمايائونس ته اي بابا! توهانجا جيكي اسان تي حق هئا سي اسان سڀ ادا كيا آهن. هينئر اسانكي ڇڏيو ۽ پنهنجو پاڻ ڄاڻو. باقي اسانجا حق اوهان تي ايترا آهن جنهن جي حد كانه آهي. پوءِ فرمايائون ته اولاد جا پيءُ تي چار حق آهن. هك ته مٺس نالو چگو ركي، ٻيو ته علم پڙهائيس، ٽيون ته طُهر كرائيس ۽ چوٽون پرٽائيس. اسان اهي چارئي حق ادا كري ڇڏيا آهن. هينئر پاڻ ڄاڻو ۽ پنهنجو خيال وٺو.

سكندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

نقل53: حاجي فقير متو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ درگاھ شريف واري مسجد ۾ فقراءَ جي صحبت منجھ وينل ھئا ۽ حضرت صاحبزاده وڏا مسند نشين قدس سره پريرو تمام ادب سان حاضر وينا ھئا. پاڻ فرمايائون ته اي بابا! اسان توھان لاءِ ويھ روپيہ ماھوار ڏيئي معلم ويھاري پڙھايو اٿسي ۽ شادي جو حق ب ادا ڪيو اٿي. ھينئر جيڪڏھن الله تعاليٰ جلشانہ جي طلب ۾ ڪوشش ڪندؤ ۽ طلبگار ٿيندو ته چگو، نہ ته جيڪو ب الله تعاليٰ جي طلب کان عاري ھوندو پوءِ توڙي ڪٽي اھو اسان جو پاءُ يا پٽ ھجي ته ب اسان کي ان سان کاب نسبت ڪانھي. اھو نہ اسان جو پاءُ آھي نہ پٽ. پوءِ واحد ڏني فقير کي جو، بني جو ڪم ڪار سندس حوالي ھو، تنھن کي صاحبزاده والا تبار ميان محمد حسن شاھ قدس سره جي سڏڻ لاءِ موڪليائون جو تن وقتن ۾ ڪچوراڙي جي عرضي ڪري البت مسجد شريف ۾ نماز جي ادا ڪرڻ منجھ سستي فرمائيندا ھئا. جڏھن صاحبزادو آيو تڏھن پاڻ تمام جوش سان فرمايائونس ته نماز جي ادا ڪرڻ ۾ ڇو ٿو سستي ڪرين؟ عرض ڪيائين ته حضرتا آءٌ نماز پڙھندو آھيان. پاڻ فرمايائون ته توھين چوندا آھيو ته اسين اوھان جا غلام آھيون. پر اھي رڳو سڪٽيون ڳالھيون ۽ اجايون دعوائون آھن. اسين حضرت مرشد معظم والد مڪرم جي خدمت ۾ غلامن وانگر ھئاسون.جو ڏينھن جو مزدورن سان گڏجي سارو ڏينھن ڪم ۾ مشغول ھوندا ھئاسون۽ جڏھن موٽي ايندا ھئاسون ته جيڪي ب اڌ يا ڪن مانيءَ جو پاروٽو ساروٽو، رُکو سکو ملندو ھو ان تي قناعت ڪري ويھندا ھئاسون ۽ ڪڏھن ب ڪنھن ڪپڙي يا سندن پي ڪنھن شيءِ ۾ طمع ڪانہ رکي سون. پوءِ جڏھن پاڻ راضي ٿيا تڏھن دعا فرمايائون ته الله تعاليٰ توکي غير جي محتاجي کان شال امن ۾ رکندو ۽ توھان جي ھي حال آھي جو رڳو ڪچوراڙي نڪتي آھي ته نماز جي ادا ڪرڻ ۾ سستي ٿا ڪريو. پوءِ سڪرات جي تلخي ۽ سختي ۾ ۽ قبر قيامت جي ھولناڪين مھل اوھان ڪيئن ڪندو؟.

نقل54: خليفو ميان اميد علي نقل ٿو ڪري ته هيڪر رمضان شريف جي مھيني ۾ قاضي محفوظ درگاھ مبارڪ تي قرآن شريف جو ختمون پڙھندو ھو. پاڻ پويان ٻڌندا ھئا. پوءِ ختمي جي شروع ڪرڻ مھل قاضي کي امر فرمايائون ته قرآن ڪريم جي قرات سر سان راڳ وانگر نہ ڪرڻ گھرجي بلڪ سرسري پڙھڻ گھرجي.

نقل55:خوشحال فقير لغاري رھندڙ ٿوھي واقع پرڳٽي روپاھ جو نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ درگاھ مبارڪ واري مسجد شريف ۾ اڳين نماز ڪانپوءِ مثنوي معنوي ھڻ ۾ ڪري ھميشہ جي دستور موجب پڙھڻ جو ارادو ڪيائون ته ايتري ۾ ھڪڙي بروچ شخص واڪو ڪري چيائين ته حضرتا! يزيد تي لعنت ڪرڻ گھرجي يا نہ؟ پاڻ ٿوري دير فڪر ڪري فرمايائونس ته اي شخص! جيڪڏھن يزيد تي لعنت خداتعاليٰ جي طرفان آھي ته تنھنجي چوڻ جو ڪو سود ڪونھي ۽ جيڪڏھن الله تعاليٰ جي طرفان نہ اٿس ته اھا ساڳي لعنت موٽي توتي ٿي اچي پوي.

نقل56: صاحبزادي والا تبار ميان محمد شاه رحمۃ الله عليه کان نقل ٿيل آھي ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ ديھ

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

راڄي نظاماڻي ۾ تشريف فرما ٿيل هئا. اتي گهڻا نوان مريد ذڪر سان مشغول ٿيا. هڪڙو شخص جو اصل ڪان اڳ جو مريد هو سو به وري مريد ٿيڻ جي ارادي سان ٻين نون مريدن سان گڏجي اچي حضور ۾ وينو. پاڻ فرمايائونس ته اي يار ! تون اصل مريد آهين .هن عرض ڪيو ته حضرتا مونکي وري نئون مريد ڪيو. پاڻ فرمايائونس ته بزرگن جي اڳيان نامنظور ڪم نه ڪرڻ گهرجي. ڇو ته جنهن وقت نئين مريد ڪرڻ واسطي توجه فرمائيندا آهن ته اڳيون جيڪو فيض ان کي حاصل ٿيل هوندو سو ان کان کسجي ويندو.

نقل57: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري ته خليفو ميان قادر ڏنو رهندڙ ٿر ملڪ جو حضرت پير سائين قدس سرہ جن کي پرپٽ رسول ڪري سڏيندو هو.تنهن تي ڪن ٿر ملڪ جي ملن ان ۾ ساٽس بحث تڪرار ڪيو. اها ڳالهه ڪن ريگستاني فقيرن جي زباني حضرت پير سائين قدس سرہ جن کي به ڪن مبارڪ تي پهچي وئي. پوءِ جڏهن خليفو قادر ڏنو درگاهه مبارڪ تي آيو ۽ سائين جن جي قدمبوسي کان مشرف ٿيو ته پاڻ گڏجڻ شرط ڪيس فرمايائون ته اي قادر ڏنا! مون ٻڌو آهي ته تون ٿو چوين ته اسانجو پير رسول آهي؟ خليفو ڪليو. پاڻ سندس ڪلڻ شرط جوش ۾ آيا ۽ فرمايائونس ته عجب دين حاصل ڪيو اٿو. جو خلق کي هروپرو پيا گمراهي ۾ وجهو. جيڪي مريد کي ارادو ۽ يقين نصيب حال ٿئي ته اهو خلق کي ٻڌائڻو نه آهي بلڪ دل ۾ رکڻو آهي. جيترو مريد ،مرشد کي پائيندو اوترو پاڻ ٿيندو. توهين خواهه مخواهه مشهوريءَ ۾ آڻي عام ماڻهن کي گمراهه ٿا ڪيو. ائين نه ڪرڻ گهرجي. پوءِ فرمايائونس ته توبه ڪر۽ هن توبه ڪئي.

نقل58: هڪڙي معتبر راوي کان منقول آهي ته هيڪر پاڻ بهاري فقير بوهڙ جي دعوت تي سندس ديهه ۾ تشريف فرما ٿيا. اها ولاسن جي ديهن مان هڪ ديهه آهي. پوءِ جڏهن زيارت ڪرائڻ لاءِ اندر گهر ڏانهن تشريف آندائون تڏهن عاقل ۽ جلال فقير بوهڙ بابت پڇا ڪيائون ته ڪجهه پڙهيو اٿن يا نه؟ بهاري فقير عرض ڪيو ته حضرتا! قرآن شريف پڙهيو هئائون پر وساري ڇڏيو اٿن. پاڻ فرمايائون ته هاويه نالي هڪڙي دوزخ آهي جو سڀني دوزخن کان تمام زياده سخت آهي ۽ انهيءَ ۾ هڪڙو نانگ آهي جو اهو به تمام سخت آهي جو هاويه دوزخ به پاڻ ان کان ڪنبدو ۽ ڏڃندو آهي. پوءِ جيڪو شخص قرآن شريف پڙهي ياد ڪري وسارينڊو اهو انهيءَ نانگ جي وات ۾ هوندو.

نقل59: هيڪر پاڻ فرمايائون ته قرآن شريف پڙهڻ ڇڳو آهي. پر ائين متاڃرو نه پڙهجي، جيئن پاڻيءَ جو گهڙو پاڻيءَ سان پريل هجي جو ٻيو ڪجهه وجهجيس ته ان ۾ نه ماپي سگهي.

اي عزيز! گهڙي مان مراد آهي دل. پوءِ جيڪڏهن ماڻهو جي دل بي فائده ، پريشان خيالن ۽ خطرن سان پريل هوندي ته اتي قرآن شريف جو نور جاءِ نه ونڊندو.ڇو ته الله تعاليٰ جل شانه فرمائي ٿو:

لَا يَمَسُّهٗۤ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ(الواقعه:۷۹)

ترجمو : پاڪائي وارن کان سواءِ قرآن شريف کي ٻيا هٿ نه لائن.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پوءِ ضروري ٿيو ته ظاهري پاکائي کان سواءِ اندر جي پاکائي يعني خطرن خيالن کان دل جي صفائي حاصل ڪري پوءِ قرآن شريف پڙهجي ته سندس نور جي پرتوي سان اندر روشن ٿئي ۽ سندس معنائون دل تي تجلي فرمائن. پوءِ جڏهن پڙهندڙن کي اها صفائي ۽ نور حاصل ٿيو ته سڀ شيون قرآن شريف ۾ جلوو ڪندڙ نظر ايندیس. جيئن ته الله تعاليٰ جلشانه فرمائي ٿو ته،

لَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ (الانعام: ۵۹)

ترجمو: ڪابه آلي يا سڪي شيءِ ڪانهي جنهن جو قرآن شريف ۾ سندس ذڪر نه ٿيل هجي.

پر جي دل جي حضور سان تلاوت نه ڪندو ته هن وعيد هيٺ داخل ٿيندو. جو حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي :

رُبَّ تَالٍ لِّلْقُرْآنِ وَالْقُرْآنُ يَلْعَنُهُمْ

يعني :ڪيترائي قرآن شريف پڙهندڙ آهن. حالانڪ قرآن شريف کين لعنت پيو ڪري.

اي دوست! جنهن زمين ۾ ٻيلو ۽ گهاٽو جهنگ هوندو ته جيستائين اهو جهنگ هٽي زمين صاف نه ڪبي ۽ هرن وغيره سان ٻني لائق آبادي جي نه ڪبي تيستائين ان ۾ ڪوبه ٻج نٿو ڇٽي سگهجي ۽ نه وري ان مان سلي سائي ٿيڻ جي اميد رکي ٿي سگهجي. پاڻ هن هنڌ ايتري نڪتي بيان ڪرڻ تي اڪتفا فرمايائون ڇو ته،

اَلْعِلْمُ نُقْطَةٌ كَثَّرَهَا الْجَاهِلُوْنَ

يعني: علم رڳو هڪ نقطو آهي. باقي جاهلن وٽي ان کي وڌايو آهي.

نقل60 :صاحبزاده والا تبار ميان حامد شاه رحمة الله عليه نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن پاڻ ۾ گڏ ٿي ويهو ۽ ڳالهيون ويهي ڪريو ته پوءِ اوهان مان هڪڙي کي ڪپي ته ڳالهين هلندي ٻين کي چوي ته ڳالهيون گهٽيون ڪيون اٿئون. اڇو ته هاڻي الله تعاليٰ جل شانه جون ڳالهيون ڪيون ته جيئن سيئي لڄي ٿي وري خدا تعاليٰ جلشانه ڏي رجوع ڪن.

نقل61 :عبدالله فقير ٿو نقل ڪري ته هيڪر پاڻ مسجد شريف جي پٺ کان ويني وضو ساريائون.مون پنهنجي چادر ويهڻ لاءِ کين هينيان وڇائي ڏني هئي ته ان وقت هڪڙي فقير کي فرمايائون ته وڃي ميان محمد ياسين شاهه ۽ محمد صادق شاهه کي سڏي اڇ. جڏهن صاحبزادا حاضر ٿيا تڏهن پاڻ وعظ ۽ نصيحت جي طرح کين فرمايائون ته اي بابا! ڪجهه ڪري ونو ته اسان کان پوءِ آسودا هجو ۽ ٻين مشائخن وانگر مريدن جي دروازن تي پنڻ متان وڃو. پوءِ فرمايائون ته اسين ايترو اوهان کي چئون ٿا. سو هن لاءِ نه ته اسان کان پوءِ اسان جي سرفرازي ڪندؤ، بلڪ خاص توهانجي فائدي لاءِ هي ڪوشش ڪريون ٿا. ۽ اسانکي هڪڙو مريد آهي جنهن کان اسان جي دل تمام راضي ۽ برجاءِ آهي. پوءِ فرمايائون ته اسانجي وڏي نينگر يعني مسند نشين اول قدس سره اسان کي تمام راضي ڪيو آهي. پاڻ ٿي پيرا ائين فرمايائون ۽ چيائون ته البت دنيا ڏي ڪجهه مائل آهي. سوبه گهٽي سياٽپ جي ڪري پر

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اهو ڏينهن بہ الله تعاليٰ جلشانه ڪندو جو دنيا کي پاٺهي ڇڏي ڏيندو.

نقل62: حضرت صاحبزادي وڏي مسند نشين قدس سره ڪان خليفو لقمان رحمة الله عليه نقل ٿو ڪري تہ هيڪر رمضان شريف جي مهيني ۾ حضرت مرشد معظم قدس سره سان گڏ ڏهاڪي ۾ وينل هئاسون تہ اسانجي والده يعني حضرت پير سائين قدس سره جا وڏا حرم محترم ۲۲ تاريخ رمضان شريف جي وصال فرمايائون. پاڻ مونکي ۽ ميان محمد حسن شاهہ کي فرمايائون تہ توهان ٻئي اعتڪاف مان نڪري تڪفين ۽ تدفين جو سعيو پنهنجي سر وڃي ڪيو ڇو تہ اوهين محرم آهيو. سندن حڪم موجب اسان ٻئي وڃي ڪفن دفن جي ضروري ڪم ڪان فارغ ٿياسون. مون موتي اچي منجهند جو قيلولو يعني ٿوري ننڊ ڪئي ۽ جڏهن تہ اهو جمعي جو ڏينهن هو تنهنڪري آرام ڪرڻ ڪان پوءِ تڙ ڪري نوان ڪپڙا پائي نماز جي ادا ڪرڻ لاءِ حضور ۾ حاضر ٿياسون. ۽ اسانجي پاءُ ميان محمد حسن شاهہ کي ڪم ڪار جي تڪليف ڪري وقت تنگ ٿي ويو جو تڙ ڪرڻ ۽ ڪپڙن نون ڪرڻ جي فرصت ڪانہ ملي سگهي. جڏهن سندن حضور ۾ آيو تڏهن پاڻ فرمايائونس تہ اي بابا! ماتم ڪيو اٿئي ڇا؟ ميان محمد حسن شاهہ عرض ڪيو تہ حضرتا! ماتم ڪونہ ڪيو اٿم پر ڪم ڪار جي تڪليف ڪري ننڊ وڃي ۽ نماز جي فوت ٿيڻ جي خوف ڪان تڙ ڪرڻ ۽ ڪپڙن مٽائڻ جي فرصت نہ ملي سگهي. پاڻ ماڻ ڪيائون. تڏهن مون عرض ڪيو تہ حضرتا! هن غلام تڙ بہ ڪيو آهي ۽ ڪپڙا بہ مٽايا آهن. پاڻ فرمايائون تہ اسان توکي ڏٺو آهي تڏهن تہ چيوسون.

فصل چوٿون
سچ جي پلائي ۽ ڪوڙ جي مذمت ۾

نقل1 : هيڪر پاڻ فرمايائون تہ هڪڙي شخص ڪنهن ماڻهوءَ جو خون ڪري اگهاڙي رت پريل ترار هٿ ۾ ڪڍي هڪڙي بزرگ جي حجري ۾ وڃي لڪيو. مقتول جا وارث سندس ڪيڏ ڊوڙندا پي آيا. تن بزرگ کان پڇيو تہ هڪڙو مڙس خون ڪري اگهاڙي تلوار سان هت آيو اهو ڪاڏي ويو؟ ان بزرگ چين تہ حجري ۾ لنگهي ويو. اهي ماڻهو اندر لنگهي وڃي ڳوليائون. پر هٿ ڪونہ آين. جڏهن ٻاهر نڪتا تڏهن ان بزرگ جي آڏو پيرن تي ڪري پيا ۽ عذرخواهي ڪري معافي گهريائون تہ اسان کي بي ادبي ٿي آهي. مهرباني ڪري معاف ڪريو. ۽ اسان انهي شخص قاتل جو ڏوهہ بہ بخشي ڇڏيو. پوءِ جڏهن اهي ماڻهو ويا تڏهن انهيءَ بزرگ انهيءَ شخص کي سڏ ڪيو. هو ٻاهر اچي چوڻ لڳو تہ آءُ تنهنجي سام ٿي اچي حجري ۾ لڪيو هوس. تون وري هنن کي پيو ڏس ڏين تہ اندر حجري ۾ وينو اٿو؟ بزرگ چيو تہ منهنجي سچ جي برڪت سان تہ توکي الله تعاليٰ جلشانہ دشمنن کان ڇڏائي ڇڏيو. جيڪڏهن ڪوڙ هٽان ها تہ توکي ماري وڃن ها. ڇو تہ

اَلصِّدْقُ يُنْجِيْ وَالْكِذْبُ يُهْلِكُ

يعني: سچ (هميشہ) آزاد ڪندڙ آهي ۽ ڪوڙ (نيٺ) هلاڪ ڪندو.

نقل2 : پاڻ فرمايائون تہ جڏهن ڪوئي ماڻهو ڪوڙ ڏو هٽي تہ سندس ايمان پهرئين ئي ڪوڙ سان هليو ڏو وڃي. پوءِ ٻيا ڪوڙ هٽي تہ پلي پيو هٽي. ايمان واري وٽ پهرئين ئي پيري سان وئي.

اي عزيز! سندن انهيءَ فرمودي تي هي آيت شريف شاهد آهي:

لَعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ (آل عمران:٦١)

ترجمو: ڪوڙن جي صفت تي الله تعاليٰ جل شانہ جي لعنت آهي

۽ ڪوڙ جي صفت ڪافرن جي ٻڌائي وئي آهي. پوءِ ڪفر واري صفت سان ايمان ڪاٽي رهي سگهندو.

جيئن پاڻي ۽ باهہ پاڻ ۾ نہ گڏجي سگهندا. ڇو تہ "اَلضِّدَّانِ لَا يَجْتَمِعَانِ" قانون مقرر ٿيل آهي يعني بہ ضد هڪ هنڌ گڏ نہ ٿي سگهندا.

نقل3: ميڏنو فقير پليجو وينل نصرپور جي آس پاس جو نقل ڏو ڪري تہ هيڪر پاڻ واعظ ۾ پي فرمايائون تہ اسين ذات پاڪ جل جلاله جو قسم ٿا کڻون تہ جيڪڏهن ڪو شخص هڪڙو ورهيہ سارو ڪوڙ نہ ڳالهائي ۽ نہ گناهہ ڪري. پنهنجي زبان کي انهن کان صفا رکي تہ يقين آهي تہ ڪيس ولايت جو درجو حاصل ٿيندو.

نقل4: غلام فقير ابڙو رهندڙ ديهه جکيجي جو، جو اها ڀڳهه جي پرڳٽي مان هڪ ديهه آهي تہ هيڪر پاڻ ديهه پاٽي واقع پرڳٽي کيرڀهي ۾ سفر ڪندي ڪجهه بي خوش ٿيا هئا. حضرت صاحبزادي مسندنشين قدس سرہ رستم فقير ابڙي کي بديٽن جي ديهه ڏي ڪنهن دوائن جي گهرائڻ لاءِ گهوڙي تي سوار ڪري موڪليائون جڏهن فقير دوائون ونڻي موٽي آيو ،تڏهن حضرت صاحبزادي فرمايس تہ اي رستم! گهوڙي توکي ڏاڍي تڪليف ڏني هوندي؟ ان فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! هن ضعيف جا لنگ اکوڙي وڌا اٿس. پاڻ انهيءَ ڳالهه ٻڌڻ سان رستم فقير کي جوش سان فرمايائون تہ توبہ ڪر.هن توبہ ڪئي. وري ٻيهر ٿيهر بہ توبہ ڪرايائونس. پوءِ فرمايائون تہ اهڙو ڪوڙ نہ ڳالهائجي تہ گهوڙي منهنجا لگ اکوڙي وڌا آهن حالانڪ تنهنجا لگ صحيح سلامت آهن.

نقل5: هيڪر پاڻ جمعي جي ڏينهن درگاهہ مبارڪ واري مسجد شريف ۾ ڪرسيءَ تي ٻيني وعظ فرمايائون. وعظ ڪندي فرمايائون تہ ڪو اهڙو شخص آهي جو هيتري ساري جماعت مان پنهنجو عيب ظاهر ڪري؟ هڪڙي شخص جماعت مان اٿي چيو تہ حضرتا! آءٔ عيبدار آهيان. منهنجي عيبن مان هڪ هي بہ آهي تہ هيڪر اسانجي ڳوٺ کي باهہ لڳي سيڪو ماٺهو پنهنجي شين ڪٽ ۾ لڳي ويو مان هڪ ڪوري جي گهران هڪڙي تاجي چورائي وڪٽي ڪم آندي هيم. پاڻ انهيءَ شخص تي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فرمايائونس تہ تو جو پنهنجو عيب ظاهر ڪيو ۽ پاڻ کي گنهگار سمجهيو اٿئي سو تنهنجي انهيءَ گناه جو بدلو بخشيش آهي.

فصل پنجون
عبادت ۽ سخاوت ۾ رياءُ ڪرڻ جي ست ۾

نقل1: هيڪر پاڻ فرمايائون ته جيڪو شخص پنهنجي عمر رياءَ ۽ دنيا جي حاصل ڪرڻ لاءِ عبادت ۽ رياضت ۾ ٿو گذاري ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جي واسطي کوبہ خالص عمل ڪونہ ڪيائين بلڪ بيهودي دنيا لاءِ پنهنجو سرمايو گم ڪري ڇڏيائين. تنهنجو مثال انهيءَ ڪوريءَ وانگر آهي جنهن کي تاجي ڪيندو سڀ کنهن ماڻهوءَ دکان تي ڏٺو پر سندس آڏاٽي جي تر ڪپڙو ڏٺو ئي ڪونہ.

نقل2: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته کنهن ڪوري جي هڪڙي ميهار شخص سان ياراني هئي، انهيءَ ميهار هڪڙي منيءَ جي ڪاني جنهن سان تاجي جو رسو ٻڌندا آهن جهنگ مان وڍي انهيءَ ڪوريءَ کي آڻي ڏني هئي. اتفاقاً انهن ڏينهن ۾ ڏڪر اچي پيو جنهنڪري ميهار جون سڀ مينهون بک ۽ تڪليف سببان وهڪجي ويون. لاچار ٿي بک ۽ فاقن جي پاران لڇ لاهي روز انهيءَ ڪوريءَ جي گهر ماني جي آسري تي ايندو هو. ڪوري ويچارو پاڻ پيو ڏڪر جي تڪليف ۾ گذاري ۽ سندس اهل عيال تنگ حالت ۾ هئا. تنهن هوندي بہ جيڪو ٿورو گهٽو پٽ چاڙهيندا هئا اتان ڪجهہ نہ ڪجهہ بکئي ميهار کي ٻڌيندا هئا. ميهار پٽ کائي انهيءَ منيءَ تي ٽيڪ ڏئي چوندو هو تہ آءٌ هيءَ مني اهڙي ٻيلي مان وڍي آيو هوس جنهن ۾ ڏاڍا مست شينهن رهندا آهن. ويچارو ڪوري مات ڪيو پيو ٻڌندو ۽ سهندو هو ۽ انهيءَ ٿورڙي قوت تي لاچار ساچار صبر ۾ رهندو هو. نيٺ انهيءَ ميهار جي روز بروز اچڻ ڪري ڪک ٽيو ۽ هڪڙي ڏينهن جيئن هن منيءَ جي ساراهہ پي ڪئي تيئن اها مني پٽي اڇلائي چيائينس تہ "ڪٽ پنهنجي مني. ڇڏ اسان جي جند".

اي عزيز! انهيءَ نقل مان معلوم ٿيو تہ دنياوي مطلب وارن جي دوستي کي ايترو بقاءُ آهي جيترو انهيءَ ڪوري ۽ ميهار جي دوستي کي ٿيو.

نقل3: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ دنيا وارن ماڻهن جي خيرات پيشاب ڪرڻ مثال آهي. يعني جيئن پيشاب بہ جڏهن لاچار جهلڻ ڏکيو لڳندو تڏهن ضرورت ڪري ڪيو ويندو آهي. تهڙي طرح دنيا دار بہ کا شيءِ فقيرن کي تڏهن ڏيندا جڏهن انهي جي جهلڻ مان ڪو نقصان ڏسندا ،پوءِ پنهنجي ضرورت جي وڃائڻ لاءِ ڏيندا پنهنجي نفس جي خواهش تي. پر بهانو خدا ڪارڻ جو ڪري ڏيندا.

نفس خود راکش تو دل را زنده کن
خواجه را کشته است اورا بند کن

يعني: نفس کي ماري ۽ دل جيئري ڪر.انهي نفس کي تنهنجي سردار يعني دل کي

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ماريو آهي، تنهنڪري ڪيس قيد ۾ رک.

نفس مکار است مکرے زايدت
گر نماز و روزه فرمايدت

يعني: نفس وڏو مڪار اٿئي، جيڪڏهن روزي نماز ۽ چڱاين جي صلاح ڏيئي تہ بہ سمجهجانءِ تہ ڪو اتي بہ مڪر رڦيو هوندائين.

نقل4: هيڪر پاڻ ڳالهہ فرمايائون تہ جن ڏينهن ۾ مسجد شريف جي اڏاوت پي ٿي، تڏهن مسجد شريف جي ٽنين لاءِ پٿر جون ڪرسيون ڪپنديون هيون ،تنهن لاءِ خليفي عبدالرحمان وينل ڪونهيرن، واقع پرڳٽي شهدادپور جي ڪي خط ۽ پيسا ڏئي، سوندي ۾ سيد قبول محمد ۽ محمد صديق ڏي ڪرسين جي خريد ڪرڻ لاءِ موڪليوسون. واٽ تي ڪيس قيصر فقير نظاماڻي ملاقي ٿيو ۽ ويهہ روپيہ خليفي کي ڪرسين جي خرچ بابت ڏنائين. ۽ اهو احوال خط ۾ لکي اسان ڏي ڏياري موڪليائين سندس خط لکڻ مان معلوم ٿيو تہ اهل دنيا جي انهيءَ لکڻ مان مطلب آهي تہ پنهنجي ڏنل خيرات بابت ڳالهہ پڌائن. جو هڪڙي قسم جو احسان رکڻ جو نمونو آهي. ۽ جيڪڏهن نہ تہ الله تعاليٰ جلشانہ تہ هونئن ئي عالم الغيب ۽ عليم بذات الصدور آهي. سندس حضور ۾ پنهنجن ڪمن جي خبر ڏيڻ جو ڪهڙو ضرور؟

نقل 5: گل فقير مونگيو رهندڙ چاڪر هالي جي طرف جو نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ حديث شريف کان بيان فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪو شخص رياءَ لاءِ هڪڙو نفل ٿو پڙهي تہ سندس ستر ورهين جي قبول پيل عبادت ضايع ٿي وڃي ٿي. سعدي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي:

بسا نام نيکوی پنجاه سال
که يکه نام زشتش کند پائمال

يعني: گهٽائي پنجاهہ ورهن جا چڱا نالا جو هڪڙو بيڙو نالو انهن کي خراب ڪري وجهي ٿو.

نقل6: هيڪر پاڻ 'ڪنز العباد' حديث شريف جي ڪتاب مان بيان فرمايائون تہ جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو، الله تعاليٰ جلشانہ قرآن شريف جي حافظن کان پڇندو تہ توهان دنيا ۾ ڪهڙا عمل ڪيا هئا؟ عرض ڪندا تہ خدايا! تنهنجي واسطي قرآن شريف ياد ڪيو هوسون. الله تعاليٰ جل شانہ فرمائيندن تہ ''كَذَّبْتُمْ''يعني ڪوڙ ڳالهايؤ. توهان رڳو هيتري لاءِ قرآن شريف ياد ڪيو هو تہ اسان کي حافظ صاحب سڏن.سو مقصود توهان جو دنيا ۾ حاصل ٿيو جو توهان کي ماٺهن حافظ سڏيو هو. پوءِ ملائڪن کي حڪم ٿيندو تہ هنن کي وڻي وڃي دوزخ ۾ وجهو. پوءِ وري عالمن کي حاضر ڪيو ويندو.الله تعاليٰ جل شانہ فرمائيندن تہ دنيا ۾ ڇا ڪيو هيو؟ عرض ڪندا تہ تنهنجي لاءِ علم پڙهيوسون ۽ ٻين شائقن، علم جي طالبن کي تنهنجي علم مان بهرياب پي ڪيوسون.

الله تبارڪ و تعاليٰ تہ ظاهر ڳجهي سپ ڄاڻندڙ آهي. فرمائيندن تہ "كَذَّبْتُمْ" يعني ڪوڙ ڳالهايو. توهان مون لاءِ علم ڪونہ پڙهيو هيو. بلڪ هن لاءِ تہ ماڻهو اسان کي عالم ۽ مولوي سڏن. سو توهان کي دنيا ۾ سڏيو ويو. ۽ مقصود اوهان جو پورو ٿيو. هينئر هلو دوزخ ۾.

وري زاهدن جو وارو ايندو. الله تعاليٰ پڇندن تہ دنيا ۾ توهان ڪهڙي ڪم ۾ مشغول هيئو؟ ظاهر ڪندا تہ تو لاءِ دنيا ۾ زهد ڪيوسون. دنيا کان منهن موڙي نفس جي رياضت سان مشغول رهياسون. الله تعاليٰ جل وعليٰ شانه فرمائيندن تہ "كَذَّبْتُمْ" يعني ڪوڙ ڳالهايو. توهان رڳو زاهد سڏائڻ جي شوق ۾ اهي تڪليفون ورتيون نہ منهنجي لاءِ سو توهان کي زاهد سڏيو ويو ملائڪن کي حڪم ٿيندو جو دوزخ ۾ اڇلايا ويندا.وري ايندا عابد پڇا ٿيندن تہ دنيا ۾ اوهان ڇا ڇا ڪيو؟ عرض ڪندا تہ تنهنجي رضا لاءِ عبادت پئي ڪئي سون الله تعاليٰ جل شانہ فرمائيندن تہ "كَذَّبْتُمْ" يعني ڪوڙ ڳالهايو. توهان عبادت مون لاءِ ڪانہ ڪئي بلڪ ماڻهن ۾ پاڻ کي عابد چوائڻ لاءِ عبادت ڪندا هيئو. سو دنيا ۾ توهان کي عابد چيو ويو. هينئر هلو دوزخ ۾. مؤڪلن کي حڪم ٿيندو تہ وڃي دوزخ ۾ داخل ڪيون. اهڙي طرح ٻين جماعتن رياڪارن کان پڇا ڪئي ويندي ۽ سندن عمل ناقبول ڪري جهنم ۾ داخل ڪيا ويندا. (استعيذ بالله السميع العليم)

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

باب ٽيون

هن باب ۾ ڇهه فصل آهن:

فصل پهريون
صفت جلال ۽ جمال بابت نقلن ۾

نقل1: پاڻ حضرت ميان صاحب قدس سره جن کان نقل فرمايو ته هيڪر حضرت مخدوم صاحب قدس سره جي شادي جو موقعو ٿيو . جنهن ۾ عارف ڪامل خليفو ميان علي اصغر خان پناڻ ۽ ٻين فقيرن جي جماعت ۾ گڏجي هليا هئا .پوءِ جڏهن حضرت مخدوم صاحب شادي ڪري گوٺ موٽيا تڏهن مڙئي سامان اسباب ٻيا فقير کٽي هليا باقي هڪ تڏو سو خليفي علي اصغر خان پناڻ کي هٿ آيو. سو هن کنيو ته ايتري ۾ ٻي هڪڙي فقير ۾ اچي انهيءَ تڏي کي کٽڻ لاءِ هٿ وڌا ، جنهن تي ٻنهيءَ ڇٽن پاڻ ۾ سوال جواب ڪيا. علي اصغر خان فقير کي چيو ته يا تون مونکي ڪوهه قاف ۾ اڇلاءِ يا آءٌ توکي اڇلايان. ائين ٻنهي ڇٽن ۾ گفتگو پي هليو ته حضرت ميان صاحب قدس سره جن ۾ ۽ اتي اچي سهڙيا ۽ پاڻ فقير کي سمجهايائون ته تڏي جي پچر ڇڏ نه ته توکي اهڙي هنڌ اڇلائي ڇڏيندو جو وري پيدا ئي ڪونہ ٿيندين پوءِ تڏو ان فقير کان ونئي علي اصغر خان کي ڏنائون ۽ سندس جوش ڏري ڪرڻ لاءِ سينہ مالي فرمايائونس ۽ انهيءَ فقير کان ۾ معافي گهرايائون ۽ نيزاري ڪريائون. علي اصغر خان راضي ٿيو ۽ تڏو ويڙهي ٽوپلي وانگر ڪري کٽي مٿي ۾ وڌائين ۽ اڳتي روانو ٿيو وات تي هڪڙي گوٺ وٽان اچي لنگهيو ته هڪ ڪتي جو سندس مٿي تي تڏو ڏنو تنهن مٿس پونکڻ شروع ڪيو. خليفي علي اصغر خان ڪتي کي ڏڪ هنيو جنهن تي ڪتي جو مالڪ جو هڪ ڪوري شخص هو تنهن مڙئي علي اصغر خان کي ڪجهه بد شد ڳالهايو. ميان علي اصغر خان کي جوش هو سو ان ڪوري کي کٽي نڙيءَ مان ورتائين ته پوئتان حضرت ميان صاحب قدس سره جن اچي پهتا ۽ ڪوري کي سندس هٿان اچي ڇڏايائون.

نقل 2: جامع ملفوظات رحمة الله عليه لکي ٿو ته هيڪر ڪڇ ملڪ ۾ حضرت مرشد مربي قدس سره جي خدمت ۾ ويناهئاسون ته ايتري ۾ سندس منهن مبارڪ ۾ جلاليت جي حالت ظاهر ٿي .
انهيءَ وقت هي بيت،چيل مخدوم ميان عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه جو،زبان مبارڪ سان پي فرمايائون.

گهوريان هي جهان، هو پڻ گهوريو گهوريان
هڪ پلڪ پرياڻ ساڻ، جي مون سري سرتيون

نقل3 : خليفو ميان لقمان رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته هيڪر درگاهه مبارڪ واري مسجد شريف

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

۾ وينو هوس حضرت مرشد معظم قدس سره هن ڪمترين کي ماٺهو موڪلي باغ ۾ گهرايائون ،جنهن تي عاجز سندن خدمت اقدس ۾ وڃي حاضر ٿيو. پاڻ باغ جي چمن ۾ وينا هئا ۽ سلوڪ جا نڪتا ۽ اسرار ويني بيان فرمايائون .مون عرض ڪيو حضرتا! فنا کان پوءِ بہ خطرا اچن ٿا يا نہ ؟پاڻ فرمايائون تہ خطرا پون ٿا. پر انهن کي 'خواطرِ رسول الله' ڪري سڏيندا آهن. انهن خطرن جا قسم آهن ،هڪڙا جلالي ۽ ٻيا جمالي. جمالي اهي جيڪي چڱن ڪمن بابت دل ۾ خيال پون جيئن تہ نماز روزو ،محبت ۽ صحبت الهٰي ۽ ٻيا عبادت ، سخاوت ۽ ترڪ وغيره جا ڪم .جلالي انهن کي چئبو آهي تہ جي گذران جي ڪمن ۾ مباح شين بابت خيال پون .جيئن تہ شادي ڪرڻ يا چگو ڪاڏو ڪائڻ ،عمدا شربت پيئڻ، مشروع ڪپڙا ڍڪڻ وغيره .پوءِ طالب کي ڪپي تہ جمالي خطرن ۾ ڪوشش ۽ عمل جو سعيو ڪري ۽ جلالي ۾ اعراض ڪري. يعني انهيءَ خيال کان منهن موڙي ڇڏي تڏهن مون وري عرض ڪيو تہ حضرتا ! جلالي کي وڏي قوت آهي ، انهي کي ڪهڙي طريقي نفي ڪري سگهبو؟ پاڻ منهنجي ران تي هٿ هڻي فرمايائون تہ هائو جيئن تو چيو واقعي ائين آهي، پر اسين فرق ڪندا آهيون .جو جماليءَ ۾ ڪوشش ڪندا آهيون، جلالي الله تعاليٰ جل شانہ جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهيون . پوءِ انهيءَ تي مثال طرح فرمايائون تہ جنهن وقت اسان کي هڪ حرم شادي ڪيل هو ،تنهن کان پوءِ هڪڙي وقت دل ۾ خيال پيو تہ جيڪر بي شادي ڪجي ۽ ميان متن فقير ڪلهوڙي جي نينگر ڏي نسبت جو خيال ٿيو.جو حضرت ميان صاحب قدس سره جن جي مريدن مان هو پوءِ دل ۾ چيوسون اهو خيال جلالي آهي .تنهن ڪري ان ۾ ڪوشش نہ ڪرڻ کپي جيڪڏهن 'خواطر رسول الله 'مان هوندو تہ ان کي قوت ۽ طاقت حاصل ٿيل آهي ،پاڻهي ئي قول مان فعل تي پهچي ويندو .انهيءَ خيال ڪري مان ۾ رهياسون ۽ ڪنهن سان بہ اها ڳالهہ نہ ڪئي سون ، پن تن ڏينهن کان پوءِ ٻئي ڪلهوڙا ميان متن فقير جي عزيزن مان اسان وٽ آيا چيائون تہ ميان متن فقير جي گهر سندس نياٽي آهي ،اسان سندس مٽي ڪرڻ ٿا گهرون پر هو قبول نٿو ڪري تنهن ڪري خدا لڳ اسان سان ميڙ ٿي وٽس قدم رنج ٿيندا، تہ اسان سان سگا بندي ڪري.اسان خيال ڪيو تہ جيڪڏهن هنن سان نٿا وڃون تہ نفس جو خيال دامن گير ٿيندو.تنهن ڪري هنن سان ميڙ طرح گڏجي ڪلهوڙي متن فقير وٽ آياسون ۽ گهٽون ئي ڪيس آکيوسين پر هن صفا جواب ڏنو تہ آئون هنن سان مٽي نہ ڪندس اسين موٽي آياسون ۽ دل ۾ ويچار ڪيوسون تہ اسان جو اڳيون خيال شايد نفساني هو چو تہ اهڙن ماٺهن سان نسبت جو ارادو هو جن جي سچائي ۽ عقيدت جو هي حال آهي ، جو سندن مائٽن لاءِ ميڙ ٿي وياسون تہ بہ نہ ڏنائون ،سي اسان کي وري ڪيئن ڏيندا؟ تنهن هوندي بہ انهيءِ جي نفي نہ پئي ٿئي. اسان جي موٽي اچڻ کان پوءِ ٻين ماٺهن مٿيئن ڪلهوڙي کي تنبيهہ ڪئي تہ ڪهڙو نہ ٻيڙو ڪم ڪيو اٿئي .جو مرشد جي اولاد کي موٽايو اٿئي .هن جواب ڏنو تہ مونکي ڏاڍي ڏکي ڳالهہ لڳي پر ڇا ڪريان جو انهن ماٺهن سان مان کي سگا بندي اصل ڪرڻي نہ آهي ، انهيءَ ڪري سندس البت دل تي بار ٿي پيو . ۽ اسان ڏئي پرپٺ رضامندي لاءِ نياپو چوائي موڪليائين . اسان بہ

سڪندريہ پبليڪشنز، درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪيس جواب موڪليو. تہ اسين اوهان کان رنج نہ آهيون ، بلڪ بلڪل راضي ۽ رضامند آهيون پوءِ هڪڙي ڏينهن اسان کي دعوت ڪري پنهنجي گهر زيارت ڪرائڻ لاءِ وڻي آيو ۽ اها سندس نياڻي بہ اتي ويڻي هئي جنهن لاءِ اسان کي رغبت هئي اتي ميان متن ميڙ نہ مڃڻ ڪري ڏاڍيون نيزاريون ڪيون ۽ معافي گهريائين اسان چيس تہ اي ادا! اسين ۽ تو پاڻ ۾ مرشد پائي آهيون ،تنهن ڪري انهيءَ ڳالهہ کان اسان دل کي ڪو خيال ڪونهي ۽ اوهان کان بلڪل راضي آهيون .هن چيو تہ مونکي سائين جن جي رضا مندي جي فرحت ۽ جمعيت تڏهن ٿيندي جڏهن منهنجي هڪڙي ڳالهہ قبول فرمائيندو ،اسان کيس انهيءِ جي ظاهر ڪرڻ لاءِ کيس چيو جواب ڏنائين تہ جنهن ڏينهن کان سائين جن اسان جي گهر کان موڪيا هئا . انهيءَ وقت کان وڻي ڪري آءٌ پنهنجي نياڻي ءَ تان دستبردار ٿي چڪو آهيان . ۽ سندس وارثي اوهان جي هٿن مبارڪن ۾ ڏئي ڇڏي اٿم، جتي بہ حضرت جن کي وڻي تہ پلي ڏين پر انهيءَ ڪلهوڙن کي ڏيڻ جي مرضي وري بہ اسان جي ڪانهي .اسان چيس تہ جتي اوهان کي ڏيڻ جي مرضي پوي تہ اسين بہ اتي راضي آهيون ، هن چيو تہ اسان مرضي آهي ،تہ سائين جن جي جناب فيض مآب ۾ قبول پوي! پر اسان انهيءَ جي لائق ناهيون اسان حياءُ کان ڪونہ ڪڍيو ۽ سندس رضامندي تي موقوف رکي اتان اٿياسون، پوءِ هن پاڻان وڃي شادي جو سعيو ڪيو ۽ ٿوري وقت ۾ شادي جو ڪم سر انجام ٿي ويو.

نقل4 : فتح فقير ناهيو نقل ڪري ٿو تہ ڏاتي فقير نالي، جيڪو مرشد معظم قدس سره جي مريدن سان هو، هيڪر پنهنجون مينهون پئي چاريائين، هڪ مينهن تہ ڪنهن سبب سان ڪاوڙيو، جنهن ڪري ڪيس سوٽين سان ڏاڍي مار ڪڍيائين ٽئين ڏينهن اچي الله تعاليٰ جل شانہ جو ڊپ دل ۾ وينوتہ ويچاري مينهن جا مون وانگر الله تعاليٰ جو ساهدار جانور ۽ مسڪين بي زبان آهي ، تنهن کي هرو پرو ڇو لٺين سان مار ڏنم .آخر انهيءَ ڊپ سندس دل ۾ اهڙو اثر ڪيو جو اتان وڻي پڳو ۽ سائين جن قدس سره جي حضور ۾ منهن مٽو پٽيندو، دانهون ڪندو روئيندو اچي ، پيرن تي ڪريو. پاڻ گهٽو ئي انهيءَ بيقراري جو سبب پڇيائونس پر هو روڄ جي زيادتي کان احوال ظاهر نہ ڪيو ڪري سگهي. نيٺ گهٽي پڇا کان پوءِ سمورا احوال بيان ڪيائين ،پاڻ ڇيائونس تہ اي ادا ! مونکي تہ ڪونہ رنجايو اٿئي جو مون وٽ روئڻ آيو آهين وڃ انهيءِ مينهن کي وڃي راضي ڪر جنهن کي لٺيون هنيون اٿئي .فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! مينهن کي ڪيئن راضي ڪيان ؟ فرمايائون تہ وڃي انهيءَ مينهن جي خدمت ڪر ۽ ڪٽڪ جو ڏارو کارائينس ۽ پوءِ مينهن تنهنجي سڏ تي تي ڊڪ ڪري اچي مڙي تڏهن سمجهجانءِ تہ هينئر مينهن راضي ٿي آهي، فقير حڪم موجب سائين جن کان موڪلائي اچي مينهن جي خدمت ۾ مشغول ٿيو ۽ ڏارو ڪٽڪ جو ڏيڻ لڳس نيٺ ستن اٺن ڏينهن کان پوءِ مينهن سندس سڏ تي اچي ڪير ڏهايو، هو اهو احوال سائين جن جي خدمت ۾ عرض گذارڻ آيو پاڻ فرمايونس تہ مينهن کي راضي ڪيئي هينئر مينهن جي خالق کي راضي ڪر يعني الله تعاليٰ جل شانہ جي درگاهہ ۾ پنهنجي تقصير جي عذر

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

خواهي ڪر، هو ويچارو وري ساڳيو اڳئين وانگر روڄ بيقراري ۾ اچي پيو پر پاڻ ڪجھ بہ نہ فرمايائونس تان تہ انهيءَ حالت ۾ ڪيس ٿي گذري ويا،چوٿين ڏينهن پاڻ شفقت فرمائي انهي فقير بي حال کي فرمايائون تہ اللہ تعاليٰ جل شانہ راضي ڪرڻ جي هي وات آهي تہ اڌ رات جو اٿي هيڪلائي ۽ خلوت ۾ ويهي وضوڪري بہ رڪعتون نفل ادا ڪري پوءِ دعا لاءِ قادر ڪريم غفوررحيم جي جناب مغفرت مآب ۾ هٿ کٽجن ۽ پنهنجي گناهن ۽ قصورن جي وڏي عجز، نياز۽ زاري سان معافي گهرجي ۽ توبہ تائب ٿجي. پوءِ جڏهن اکين مان پاڻي اچي ۽ روڄ پيدا ٿئي تڏهن سمجهڻ کپي تہ اهي ڳوڙها صرف پنهنجي گناهن جي ڏوئڻ لاءِ آيا آهن ۽ يقينن گناهہ معاف ٿي ويو. اسان بہ توکي معاف ڪيو هن فقير سائين جن جي فرمودي موجب وڃي عمل ڪيو ۽ بالڪل فرحت ۽ جمعيت حاصل ٿيس.

نقل5: مير فتح علي ٽالپر جي مماتي وارن ڏينهن ۾ پاڻ لاڙ جي سفر جي ارادي سان تشريف فرما ٿيا هئا. جامع ملفوظات چوي ٿو تہ مون سندن حضور ۾ عرض ڪيو حضرتا! عجب آهي جو فقيرن جي جماعت ۾ پهريان پهريان تہ محبت ۽ جذبي جو اهڙو جوش ٿو ڏيکارجي جو جڙ سندن اندر ۾ باهہ جا شعلا بلند ٿي رهيا آهن پر پوءِ ٿوري مدت کان پوءِ سندس اهو جذبو ۽ شوق سرد پئجي ٿو وڃي ۽ ڪن ٿورن کان سواءِ ٻين کي اها محبت ڪانہ ٿي رهي. حضور جن پورو توجهہ سمورن مريدن ڏانهن فرمائن تہ دائمي فيض کين نصيب ٿي پوي. پاڻ جواب ۾ نقل بيان فرمايائون تہ ڪن بن شهرن جي وچ ۾ هڪڙو شينهن اچي رهڻ لڳو پوءِ جيڪو شخص واڙو اتان لنگهندو هو انکي ماري کائي ڇڏيندوهو. هڪڙي شخص ماڻهن کي چيو تہ جيڪڏهن هڪ هڪ ماڻهو مونکي هڪ هڪ پيسو ڏيندو وڃي تہ آئون سڀني کي شينهن جي ايذاءَ ۽ خوف کان صحيح سلامت، امن امان سان لنگهائي ڇڏيان. جڏهن اڪل سو اسي ماڻهو گڏ ٿيا، تڏهن چا ڪيائين جو انهن سڀني جي وچ ۾ ٿي جماعت کي ساڻ ڪري وينڻي هليو، وات ٿي جڏهن شينهن آيو ۽ حملو ڪري ڪو ماڻهو کنيو پيو وڃي تڏهن ماڻهو دانهون پيا ڪن تہ هو شينهن ماڻهو کي کٽي ويو،تڏهن اهو رهنما شخص چوي پيو تہ پرواهہ ناهي هڪ پيسو گهٽ ڪري ڏجو.

اي عزيز! سندن اهو نقل بيان فرمائڻ دلالت ٿو ڪري تہ پاڻ ان وقت خلق جي حالت کان بي پرواهہ هئا ،حالانڪ سندن رحم ۽ احساس ايڏي حدکي پهتل هوجو پاڻان ڪڇ ۽ قلات ۽ دائود پوٽي جهڙن دور دراز سفرن ٽي تڪليفون وڻي ماڻهن کي پنهنجي زيارت کان مشرف ڪندا هئا۽ خلق کي اللہ تبارڪ وتعاليٰ ڏي ڪوٽ ڪندا هئا، پوءِ اهڙي بي پرواهي جو چا سبب؟ معلوم ٿو ٿئي تہ انهي جواب فرمائڻ وقت سندن وجود مسعود ٽي عظمت ، ڪبريائي ۽ جلاليت جي صفت جو نزول هو. جنهن ڪري اهڙي بي پرواهي جو مثال بيان فرمايائون.

نقل6 : هيڪرسفر ۾ هڪڙو هندو عامل سندن حضور پرنور ۾ آيو .مٿي سان وڏو پٿڪو ٻڌل هو ۽ بت جو ٿلهو ۽ مضبوط هو،وڏي تڪبر سان مڇون وڪوڙي ڪري ارهہ ڪيڏي ڪري جلاليت سان ٿي وينو ۽ مجلس ۾ هر طرف وينڻي نظر ڪيائين . حضرت پير سائين قدس سرہ جن کي جلاليت جي صفت ڏسڻ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪري حال اچي ويو ۽ طبيعت مبارڪ تي روچ ۽ عاجزيءَ جو غلبو ٿي ويو،جنهن جي اثر کان سڀئي حاضر مجلس فقيرن ۾ روچ ۽ جوش پئجي ويو.

مجلس برخواست ٿيڻ کان پوءِ پاڻ فقير (يعني جامع ملفوظات) کي فرمايائون ته اسانجي روچ جو سبب ڪهڙو هو؟ عرض ڪيم ته حضرتا! سمجهايو. فرمايائون ته انهيءَ هندو جي ڏسڻ سان الله تبارڪ وتعاليٰ جي عظمت ۽ وڏائي جي صفت ظاهر آئي سون،تنهن ڪري طبيعت تي روچ ۽ عجز غالب ٿي ويو. سچ آهي:

مرد آں باشد کہ باشد شہ شناس
تا شناسد شاہ را در ہر لباس

نقل7: هيڪر پاڻ فرمايائون ته خليفي ميان الهه رکيي ﷺ فرمايو پي ته هالاڻي جنگ ۾ جا مير فتح علي ٽالپر ۽ عبدالنبي ڪلهوڙي جي وچ ۾ لڳي هئي ، اسين وچ ۾ حاضر هئاسون،جو ٻنهي طرفان هڪ ٻي کي بندوقون پي هنيائون ته گوليون اسان کان پي اچي لنگهيون، پر اسين امن امان سان وچ ۾ وينا هئاسين .

اي عزيز ! هالاڻي جنگ مان سندن مراد جذبة الله ۽ گولين مان مراد جلالي ۽ جمالي خيالات ورتل آهن.

نقل8 : جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته جڏهن پهريان آئون حضرت مرشد معظم کان تلقين جي شرف کان مشرف ٿيو هوس تڏهن اهڙو جوش ۽ شوق جو غلبو هوندو هو جو ٻين طرفن کان دل ڪڍي وئي ۽ سندن حضور پرنور ۾ حاضر رهڻ کان سواءِ فرحت نه پي آئي ۽ منهنجي والده ماجده محبت ۽ مادري شفقت جي ڪري منهنجي جدائي ۾ فراق جي تڪليف ۾ هوندي هئي. پوءِ جڏهن هن فقير کي تلقين جو شرف، حضور لامع نور کان عطا ٿيو تڏهن ڪيترائي ماڻهو ننڍا ، وڏا ، جوان ، پوڙها ، زالين، مڙسين هن فقير جي صحبت ۾ محبت جي جوش پاران مٿي پيرين اگهاڙا مدهوش هوندا هئا،تڏهن والده ماجده چوندي هئي ته اڄي آئون پنهنجي پٽ لاءِ حيران پريشان هيس هينئر هنن سڀني جون مائرون ويچاريون مون وانگر سندن جدائيءَ ۾ گرفتار ۽ تڪليف ۾ ورتل هونديون. ۽ انهن سڀني جون پٽون پاراتا اسان جي ڪچيءَ ۾ پوندا .مون سندس خدمت ۾ عرض ڪيو ته اها پٽ اسان کي نه لڳندي بلڪ اها پٽ حضرت مرشد معظم قدس سره جي مٽان آهي.چو ته :

نیا وردم از خانہ چیزی نخست
تو دادی ہمہ چیز، من چیز تست

يعني: مان پنهنجي گهران پهريان ڪجهه به ڪونه ڪٽي آيو هوس سڀ ڪجهه تو ڏنو ۽ منهنجي شيءِ سڀ تنهنجي آهي.

پوءِ جڏهن لاڙ جي سفر ۾ هن فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا تڏهن مٿيون گفتگو ۽ سمورو احوال سندن حضور ۾ بيان ڪيم پاڻ ٻڌي مرڪيا.

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل9 : خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر درگاھ مبارڪ تي مسجد شريف ۾ سندن حضور پرنور ۾ حاضر هوس ته هڪڙي فقير کي جو خليفي ميان محمد حسين رهندڙ ڳوٺ ڏڏرجي هم صحبتن مان هو ، جلاليت جي حالت کان وجد پئجي ويو،ڪپڙا ڦاڙي پري اڇلائي اگهاڙي ٿي بيٺو، پاڻ فقير کي حڪم فرمايائون ته ستر عورت ڪن ۽ خليفي ميان محمد حسين کي جو روبرو موجود هو. فرمايائون ته اي يار! توهان جي مريدن کان اهڙا غير مشروع ڪم صادر ٿا ٿين قيامت جي ڏينهن انهيءَ بابت اوهان کان باز پرس ٿيٽي آهي. خليفي عرض ڪيو ته حضرتا! اسان تي ڪا جزا سزا ڪانهي، انهيءَ جو بار مڙئي حضور جن جي ذات عالي صفات تي آهي. پاڻ ٻڌي مرڪيا ۽ خليفي کي وري ٻيو ڪوبہ جواب نہ ڏنائون .

نقل10 : هيڪر پاڻ سفر ۾ سانگھڙ واقع ڪاري ناري جي ٻڪ سان مراد علي نظاماڻيءَ جي ڏنڊي ۾ تشريف فرما ٿيا، لاڙ وارا مريد ڏري ،سيد پور ۽ ماباڻ جي طرف جا گڏ ٿي حضور جن کي دعوتن ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا ته اڳين نماز کان پوءِ سندن خدمت ۾ عرض ڪنداسون ۽ جيئن تيئن بہ لاڙ وڃي هلنداسون . جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته هن فقير کي انهيءِ ڏينهن ويهڻ اٿڻ ۾ دل منجھ خيال ڏيکارجي پيو ته جڙ پاڻ مون کي حڪم ڪن ٿا ته تون لاڙ ملڪ ۾ وڃي اتان جي فقيرن کي ذڪر جي تلاوت جي ڪوشش ڪر ۽گويا مان عرض ڪيان ٿو ته حضرتا! ماڻھو منھنجي چوڻ جي متابعت نہ ڪندا، وري پاڻ فرمائن ٿا ته اسين توکي پنھنجي مھر سان خط لکي ڏينداسون .اها حالت جا ڏسڻ ۾ آيم ته هنن فقيرن جي دعوت ڏيڻ کان اڳ مون سندن حضور مبارڪ ۾ بيان ڪئي. پاڻ فرمايائون ته ماڻھو ذڪر جي تلاوت نٿا ڪن ، تنھن ڪري هينئردعوت انھن ماڻھن جي ونڊنداسون ، جيڪي ذڪر تي هميشگي ڪن ٿا،باقي بين جي دعوت تي نہ ويندا سون . مون عرض ڪيو ته حضرتا! لاڙ جا فقير دعوت جي قبوليت جي اميد لاءِ وينا آهن ۽ چون ٿا ته حضور جن کي ضرور لاڙ وڃي ويندا سون .پاڻ فرمايائون ته انهن سان اصل ڪونہ ويندا سون تڏهن مون سندن ٻانھن مبارڪ مان وڃي عرض ڪيو ته آئون اصل نہ ڇڏيندس ،سائين جن جو اختيار ڪهڙو آهي ، جو نہ هلندا.

اي عزيز! جيتوٽيڪ اهڙي گستاخي تنگ ظرف اهل معاش جي نظرن ۾ بي ادبي ڏيکاربي ،پر عشق جي مذهب ۾ عين ادب آهي. جيئن ته مثنوي ۾ فرمايل آهي :

گفتگوئے عاشقاں درکار رب
جوشش عشق ست نے ترک ادب

يعني: الله تعاليٰ جي ڪم ۾ عاشقن جو گفتگو ڪل عشق جي جوش کان هوندو آهي نہ بي ادبي لاءِ.

ہر کہ کرد از جام حق یک جرعہ نوش
نے ادب ماندِ درو نے عقل و ہوش

يعني: جنھن شخص الله تعاليٰ جي محبت واري پيالي مان سڪ جي سرڪي پري ته ان کي عقل

۽ هوش کوبہ کونہ رهندو ۽ ادب جي پرواهہ بہ کانہ رکندو.
پاڻ منهنجي انهيءَ گستاخي تي مرکي فرمايائون تہ توهين دعوتن جي قبوليت جي لاءِ کجهہ بہ نہ چئو. باقي هنن سان جيکي کنداسون سو پاڻهين ڏسندين،پوءِ پيشين جو جمعي نماز کان بعد اهڙو تہ وعظ ۽ نصيحت فرمايائون جو سموري جماعت کي روچ ۽ وجد وڻي ويو ۽ ننڊي توڙي وڃي مردن خواهہ عورتن مان کوبہ پنهنجي هوش ۾ نہ هو.وچين ءَ نماز کان پوءِ مس هوش ۾ آيا ، صبح تي موتي درگاهہ تي روانا ٿيا ۽ کنهن کي بہ طاقت نہ ٿي جو دعوت لاءِ خدمت سڳوريءَ ۾ عرض معروض کري سگهي.

نقل11: جامع ملفوظات خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ پهرين وقتن ۾ جڏهن پاڻ هن فقيرکي تلقين جي اجازت عطا فرمايائون ،تڏهن اهڙي حالت هئي جو جيکو بہ عاجز جي صورت جو تصور کندو هو ، يا ذکر وٺندو هو تہ انهيءِ وقت کيس حال ۽ وجد پئجي ويندو هو،کن کي سکر، بي خودي ۽ استغراق وڻي ويندو هو ۽ کن کي جلاليت ۾ جوش اچي ويندو هو،جو روئندا دانهون کندا مٿي پيرين اگهاڙا بي قرار ٿي نکرندا هئا ۽ کن کي توحيد جي حالت پيدا ٿي ويندي هئي۽ شطحيات قول ڳالهائڻ لڳندا هئا، يعني 'انا الحق' جهڙا الفاظ چوندا هئا ۽ پنهنجي موهوم هستي کي وساري ڇڏيندا هئا، مون حضرت مرشد معظم قدس سرہ جي خدمت ۾ احوال عرض رکيو تہ ملک ۾ هي حالتون آهن، پاڻ فرمايائون تہ جيکو بيت ماموئيءِ جو اڳي چيو ويو هو، شايد اهو وقت هينئر آيو هجي. پو ۽ پاڻ هي الفاظ زبان مبارک سان فرمايائون:

لڳندي لاڙان، سونچو ٿيو سري ۾.

نقل12: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيکر مون سندن خدمت مبارک ۾ عرض کيوتہ حضرتا! جنهن کي تلقين کجي ٿي تنهن کي انهي وقت جذب ۽ سکر جي حالت وڻي وڃي ٿي، پر انهيءَ حالت تي استقامت کن ٿورن کي ٿئي ٿي نہ تہ گهٽن کي کانہ ٿي رهي .پاڻ فرمايائون تہ ابتدا ۾ اسانجي حالت بہ اهڙي طرح هئي .

نقل13: پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي بزرگ،مريد کي چيو تہ اڄي اسان سان گڏجي هل تہ حضرت سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سرہ جي زيارت کان مشرف ٿي اچون. مريد چيو تہ شيخ صاحب بہ الله تعاليٰ جل شانہ ڏسي ٿو، اسين بہ خدا تعاليٰ کي ڏسون ٿا، پوءِ حضرت شيخ جي خدمت ۾ وڃڻ جو کهڙو ضرور؟ نيٺ کن ڏينهن کان پوءِ اهو بزرگ انهيءَ مريد سان گڏجي حضرت شيخ قدس سرہ جي زيارت لاءِ آيو .اتفاق سان شيخ صاحب پنهنجي والده ماجده لاءِ پاڻيءِ جو گهڙو پريو پي آيو، واٽ تي ٻئي ڇٽا ساٽس ملاقي ٿي، جڏهن حضرت شيخ قدس سرہ جي نظر مبارک انهيءِ مريد تي پئي تہ ڏسڻ شرط سندن وجود کي باهہ وڻي وئي ۽ هڪدم سڙي خاک ٿي پيو .انهيءَ واقعي ڏسڻ کان پوءِ انهيءَ حضرت شيخ قدس سرہ جي خدمت ۾ عرض کيو تہ منهنجو هي مريد دعويٰ کندو هو تہ آئون الله تعاليٰ جل شانہ کي ڏسندو آهيان. جناب سلطان العارفين قدس سرہ فرمايو تہ سچ پي چيائين پر هو الله تعاليٰ جل شانہ کي

جمالي تجلي ۾ ڏسندو هو ۽ اسان تي هن وقت جلالي تجلي جو غلبو هو، انهيءَ تجليءَ جو تاب نہ جهلي سگهيو، تنهن ڪري سڙي خاڪ ٿي ويو .

نقل14 : هيڪر پاڻ لاڙڪاڻي جي سفر ۾ شيخن جي ديهہ مان چڙهيا پي آيا،ڏينهن ڏاڍو گرم هو ۽ هوا بالڪل بند ٿي وئي، تنهن تي وڏيڪ وري جهنگ جو رستو، ٿي چار گرميون اچي گڏ ٿيون. هڪڙي فقير جو سائين جن جي گهوڙي اڳيان ڊوڙندو پي هليو عرض ڪيو تہ ڏينهن ڏاڍو گرم ٿيو آهي ، پاڻ مرڪي فرمايائون تہ ڏينهن ڏاڍو گرم ٿيو آهي تہ اسين بہ گرم ٿيندا سون .

نقل15 : خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايائون تہ هيڪر ڪنهن وات کان سوار ٿيا پئي آياسون تہ هڪڙو سهٽو شخص رستي ۾ ڏڻو سون جو عمدو لباس پايو ، پلي گهوڙي تي چڙهيو،چاتي ڪڍيون وڏي فخر ۽ مغروريءِ سان پئي آيو، سندس اهو حال ڏسي دل ۾ چيو سون تہ سبحان اللہ! هينئر ڪيتري نہ ڪبريائي ۽ پرواهي پئي ڏيکارجي . ائين چوندي بہ ٿي ڳوڙها مبارڪ سندن اکين مبارڪن مان وهي پيا .

فصل ٻيون
ملامت وارن جي بيان ۾

نقل 1: سندن روش مبارڪ هوندي هئي تہ بدعتين ۽ فاسقن کي خيرات طرح ڪجھ بہ نہ ڏيارينديا هئا، پر هڪڙي ڏينھن هڪڙو لانگوٽ بند شخص حضور ۾ حاضر ٿيو۽ اهڙي طرح ڪٽي عاجزي، نياز ۽ پنھنجي نفس جي انڪساري جي تمهيد وچايائين جو بيان ڪان ٻاهر. پاڻ مٿس رحم فرمائي بوچڙ جو ڪپڙو (جو سندن ڪلھن مبارڪن تي هو سو) لاهي ڪيس مرحمت فرمايائون.

اي عزيز! سندن انهيءَ روش مان معلوم ٿو ٿئي تہ اهو لانگوٽ بند شخص حقيقت ۾ ڪو ڪامل مڙس ولي الله هو، جو پاڻ کي ملامت جي لباس ۾ ڍڪي خدمت ۾ آيو هو، ڇو تہ پاڻ بدعتين ماڻھن کي هڪ حصو پيسو بہ نہ ڏيندا هئا.

اندرون شو آشناؤ از برون بيگانہ باش
اين چنين زيبا روش کمتر بود اندر جهاں

يعني: اندر ۾ دوست ٿي رهہ ۽ ظاهر ۾ ڏارين وانگر گذار. اهڙي سھڻي وارا ماڻھو جهان ۾ ڪي ٿورا لپندا.

نقل2 : هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ دهلي جي شهر ۾ هڪڙوشخص ڪنھن بزرگ صاحب ڪمال جو مريد هو. پوءِ جڏھن مرشد کان معرفت جا راز ۽ حقيقتون حاصل ڪري ڪماليت جي درجي کي پهچي چڪو، تڏھن پنھنجي مرشد کان دهلي شهر گھمڻ لاءِ موڪل گھريائين، بزرگ فرمايو تہ توکي شهر جي ٽن پاسن ڏي اجازت آهي باقي هڪ طرف مقرر ڪري ڏنائينس تہ انهيءِ طرف گھمڻ نہ وڃجان، اهومريد اها ڳالھہ قبول ڪري سير لاءِ اٿي هليو ۽ پهرين ڏينھن اهي ٽي ئي پاسا گھمي موٽي آيو، جن جي اجازت هيس. ٻئي ڏينھن خيال ٿيس تہ جيڪر چوٽين پاسي جو بہ سير ڪجي، سو بنا اجازت جي انهيءَ طرف روانو ٿيو اڳ پرو ويو (تہ هن امتحان هيٺ آيل) بظاهر ڏنائين تہ هڪڙو مشبہ سفيد ريش شخص، جنھن جي ڏسڻ کان دل کي هيبت پئي لڳي، سو هڪ غير مشروع ڪم وينو ڪري اهو حال ڏسي ڪيس دل ۾ واهمو آيو تہ هي شخص ڪهڙي نہ چڱي شڪل سان ٽي ڪري اهڙي ٻڙڙو ڪم وينو ڪري انهيءَ وهم ايندي انهيءَ پير مرد هندستاني ٻولي ۾ چيو تہ 'ٻلاوي بودا' ٻي ڏاڙي بہ اهو مريد ساڳي طرف ويو ۽ انهيءَ پير مرد کي ساڳي ڪم ۾ مشغول ۾ ڏنائين سندس دل ۾ وهم پيدا ٿيو، جنھن جي جواب ۾ پير مرد وري ساڳيا لفظ چيا تہ ' ٻلاوي بودا' اهو شخص جڏھن پنھنجي مرشد وٽ آيو، تڏھن سموري حقيقت ان پير مرد واري سندس آڏو بيان ڪيائين مرشد چيس تہ منھنجي چوڙ جي

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

برخلاف هليو آهين. اهو پير مرد جيڪو غيرمشروع ڪم ڪندو ڏٺئي سو هڪ وڏو ڪامل مڪمل شخص آهي، جنهن نامحرمن کان پاڻ کي ملامت جي لباس ۾ ڍڪي ڇڏيو ۽ توکي چيائين ته 'پلاوي بودا' سو اهو لفظ مونکي چيو اٿس ته اهڙي اعتراض ڪندڙ شخص کي ڇو مريد ڪيو اٿئي؟ ۽ تنهنجي پڻي مان ۽ قطب پيدا ٿيٽا هئا سي ٻئي تقدير جي دفتر تان محو ڪري ڇڏيائين باقي تون سلامت بچي ويو آهين.

هر بيشه گمان مبر که خالی است
شايد که پلنگ خفته با شد

يعني: سڀ ڪنهن جهنگ ۾ اهو گمان نه ڪجي ته خالي هوندو، مٽان ڪو شينهن لڪيو پيو هجي.

اهو پيرمرد جنهن غيرمشروع ڪم پئي ڪيو سو انهيءَ بزرگ جو مرشد هو جنهن جو مريد سير تي نڪتو هو ۽ ان پيرمرد تي اعتراض ڪيو هئائين. ان ڪري ئي انهيءَ مريد کان معنيٰ ڪسجي وئي ۽ ۽ قطب جي سندس پڻيءَ مان پيدا ٿيٽا هئا، سي گم ڪري ڇڏيائين.

نقل3 : فيروز فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ نقل فرمايائون ته هڪڙي بادشاهه کي ڪا مشڪل درپيش آئي. جنهن لاءِ نذر ڪيائين ته جيڪڏهن هي ڪم منهنجي مطلب تي پورو ٿيو ته پنهنجي سواري جي گهوڙن مان جيڪو زور پلو گهوڙو هوندو، سو بهلول رحمۃ اللہ علیہ کي ڏيندس .پوءِ جڏهن اهو ڪم سندس خواهش موجب پورو ٿي ويو، تڏهن شيخ بهلول کي گهرائي پنهنجي سواري جو خاص گهوڙو سندس خدمت ۾حاضر ڪيائين.بهلول انهيءَ گهوڙي تي چڙهي باهر هليو ويو.جڏهن وزير بادشاهه جي دربار ۾ حاضر ٿيو ۽ شيخ بهلول کي گهوڙي ڏيڻ جي خبر ٻڌائين،تڏهن بادشاهه کي عرض ڪيائين ته اهڙو نايابَ گهوڙو اهڙي مجذوب ۽ چرئي شخص کي ڏيڻ نامناسب هو، گهوڙي جي قيمت ڪيس ڏئي ڇڏڻ گهربي هئي . بادشاهه چيو ته اي وزير! هينئر توکي اجازت آهي ته وڃي جيتري قيمت تي وٺئي اوتري تي وٺانس گهوڙو خريد ڪري موٽائي اچ. بهلول ته گهوڙو اڳئي ڪنهن شخص کي ڏئي ڇڏيو هو، هوڏانهن وزير به پنهنجي گهوڙي تي چڙهيو بهلول جي پڇا ڪندو آيو۽ ڏنائين ته بهلول هڪڙي هنڌ بينو آهي، وزير ويجهو آيو ۽ بهلول کان آسمان جي حقيقت بابت کو سوال پڇائين، بهلول چيس ته تون گهوڙي تي چڙهيو وينو آهين ۽ آئون پيادو آهيان، مون کان آسمان کي تون ويجهو آهين، تو کي آسمان جي مون کان وڌيڪ خبر هوندي ،پر جي گهوڙو مون کي ڏين ته مان مٿس چڙهي پوءِ توکي آسمان جي خبر ڏيان. وزير گهوڙي تان هيٺ لٿو ۽ بهلول گهوڙي تي چڙهي وزير کي چيائين ته آسمان جا ڪم ته اجهي اهي اٿئي جو سوار کي پيادو ۽ پيادي کي سوار پيو ڪري ائين چئي وئي گهوڙي کي تکو هڪليائين. وزير ويچارو هڪو ٻڪو اتي ئي رهجي ويو.

نقل4 :پاڻ نقل بيان فرمايائون ته هيڪر شيخ حسن بصري رضی اللہ عنہ درياءَ جي ٻڪ سان پي ويو، درياءَ جي ٻئي ٻڪ سان هڪڙو حبشي شخص نظر آيس جو هڪڙو شيشو هٿ ۾رجهليو انهيءَ مان ڪجهه

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پيتائين پئي ۽ هڪڙي عورت بہ سندس پرسان وينی هئي ، انهيءَ حال ڏسڻ ڪري شيخ جي دل ۾ خيال گذريو تہ هي ڪهڙو نہ نادا ن شخص آهي، جو اهڙو بچڙو ڪم ظاهر ظهور وينو ڪري. اتفاقا انهيءَ مهل هڪڙي ڏونڊي پيڙي درياءَ مان ظاهر ٿي جا شيخ رحمۃ اللہ علیہ ۽ انهيءَ حبشي جي سامهون اچي ٻڏي جنهن ۾ پنج ماڻهو وينل هئا، سي ٻڏڻ لڳا. تڏهن اهو حبشي يڪدم درياءَ ۾ ڪاهي آيو ۽ ٻن ڇڻن کي هڪڙي هٿ ۾ ٻن ڇڻن کي ٻي هٿ مان ونی آڻي ٻاهر ڪڍي پڪ تي ڇڏيائين ۽ شيخ کي سڏ ڪري چيائين تہ تو دل ۾ خراب خيال آندو هو،هاڻي اهو پنجون شخص تو لاءِ درياءَ ۾ ڇڏي آيو آهيان جيڪر همت اٿئي تہ وڃي ان کي درياءَ مان ڪڍ، نيٺ اهو شخص ٻڏي ويو. شيخ رحمۃ اللہ علیہ کيس چيو تہ اي عزيز! اهڙي همت هوندي بہ توهان جو اهو ظاهري حال ۽ معاملو ڪهڙو ٿو ڏسان؟ ان جواب ڏنو تہ هيءَ عورت منهنجي ماءُ آهي ۽ شيشي ۾ رڳو پاڻي پيل آهي، جهان جي خلق کان نفرت لاءِ هي ذليل ۽ خوار انداز اختيار ڪيو اٿئون .

نقل5 : پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي ڏينهن بهلول رضی اللہ عنہ بارن وانگر هڪڙي رستي تي آليءَ متيءَ جا گهرڙا وينی ٺاهيا، اتفاقا هڪڙو بادشاهہ اتان اچي لنگهيو ۽ چيائينس تہ اي بهلول چاڻو ڪرين؟ بهلول چيو تہ گهر ٿا ڏيون. بادشاهہ چيس تہ وڪٽندين ؟ چيائين تہ هائو بادشاهہ چيس تہ ڪيتري ۾ ڏيندين ؟بهلول چيو تہ هڪ گهر پنجين روپئين.بادشاهہ پنج روپيا کيس ڏياريا۽ هڪ گهر خريد ڪيو هليو ويو.جڏهن رات ٿي تڏهن خواب ڏٺائين تہ چا ٿو ڏسي تہ بهشت ۾ پهتو آهيان ۽ اتي هڪڙي ماڙي نوراني خوبصوت اهڙي پئي چمڪي جوگوياڪ سج پيو چلڪاٽ ڪري. پڇائين تہ هي ماڙي ڪنهن جي آهي؟جواب ڏنائونس تہ هي ماڙي تنهنجي آهي،بادشاهہ چيو تہ مونکان تہ اهڙو موچارو (چڱو) ڪم ٿيو ئي ڪونهي، جو اهڙي ماڙيءَ جي لائق ٿي سگهان. چيائونس تہ اها ماڙي اها آهي،جيڪا ڪالهہ بهلول کان پنجن رپين ۾ خريد ڪئي اٿئي. بادشاهہ حيرت ۾ پئجي ويو، ٻي پيري بادشاهہ انهيءَ رستي تان اچي لنگهيو ڏسي تہ بهلول ساڳيو اڳئين وانگر متي سان وينو گهر ٺاهي. بادشاهہ چيس تہ گهر وڪٽندين؟ چيائين تہ هائو ! چيائين تہ ڪيتري ۾ وڪٽندين؟ بهلول چيو تہ پنج لکن رپين ۾.بادشاهہ چيو تہ ڪالهہ پنجن رپين تي وڪيئي اڄ وري پنج لک ٿوگهرين؟ بهلول چيو تہ تڏهن تو حال ڪونہ ڏنو هو.هاڻي جو ڏسي آيو آهين تنهنڪري پنج لک قميت ٻڌي سون.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٽيون
اعتراض ۽ شڪايت ڪرڻ بابت نقلن ۾

نقل 1: پاڻ فرمايائون تہ ڪنهن مريد کي پنهنجي پير جي طرفان بد وهم دل ۾ اچي پيو .جنهن ڪري سندس مرشد ڪيس ٻي هڪڙي بزرگ جي خدمت ۾ ڏياري موڪليو.جڏهن ان وٽ پهتو تہ وري ان کان بہ سندس دل ۾ بدگماني پيدا ٿي پئي.تنهن تي ان بزرگ بہ ڪيس وري شيخ نجم الدين قدس سره جي خدمت ۾ موڪلي ڇڏيو. جڏهن شيخ نجم الدين جي زيارت کان مشرف ٿيو.تڏهن پاڪر پائي ملڻ وقت حضرت شيخ قدس سره جي طرفان بہ سندس دل ۾ بد خطرو پوڻ لڳو،خطري اچڻ شرط حضرت شيخ جن پري ڪري هڪ مڪ سندس ڪنڌ تي هنيائون جنهن سان ان جي دل جو پردو ڦاٽي پيو۽ واصل بالله ٿي ويو.پو۽ ڪيس موڪل ڏئي فرمايائون تہ جنهن بزرگ توکي اسان ڏانهن موڪليو آهي ،ان کي ۽ پنهنجي پير کي منهنجي طرفان سلام چئجان۽.

نقل2 : ڪامل فقير ڪاجهڙي نقل ڪري ٻڌو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ حيدر فقير پرڳڙي۽ جي دعوت تي جو حيدرآباد جي آس پاس سندس ديهہ آهي،تشريف فرما ٿيا، جڏهن فقيرن جي جماعت طعام کائڻ لا۽ وئي تڏهن حيدر فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! ماڻهو هن جماعت جي ڏاڍي گلا ٿا ڪن. پاڻ حيدر فقير جي جواب ۾ مثال طرح فرمايائون تہ سامي فقيرن جي هڪڙي جماعت شهرڪان اچي لنگهي،تنهن تي هڪڙو ڪتو متن پونڪڻ لڳو ۽ اهڙو تہ پونڪيو جو مقعد مان سفرو ٻاهر نڪري پيس، پر اها فقيرن جي جماعت سلامتي۽ سان چپ چاپ هلي وئي.ٻيو مثال بيان فرمايائون تہ اونداهي رات ۾ جڏهن چنڊ اپرندو آهي ۽ اوچتي ڪتن تي روشني پوندي آهي ،تڏهن ڪتا ونني پونڪڻ شروع ڪندا آهن ۽ پونڪي پونڪي ساڻا ٿي پوندا آهن پر چنڊ کي انهن جي پونڪڻ جي ڪهڙي پرواهہ؟ هو اجايو وات ٿا هڻن ۽ رڙيون پيا ڪن.

ماه بر آسماں چو گيرد ضو
بر زمين ميکنند سگان عو عو

يعني: چنڊ جڏهن آسمان تي روشن هوندو آهي تہ زمين تي ڪتاپونڪڻ لڳندا آهن.

ٽيون بہ مثال بيان فرمايائون تہ چڪور نالي هڪڙو پکي چنڊ تي عاشق هوندو آهي، جڏهن چنڊ اپرندو آهي تڏهن ان ڏانهن منهن ڪري ويهي ڏسندو آهي تان تہ چنڊ آسمان جي وچ ۾ ايندو آهي تہ چڪور بہ ڪيس ڏسندو پني۽ پر اچي ڪرندو آهي. تنهن وقت ماڻهو پاڻي۽ جي ٽالهي پري آڻي پرسان رکندا اٿس تہ ان ۾ چنڊ جو اولڙو پيدا ٿيندو آهي ۽ چڪور انهي۽ اولڙي کي چنڊ سمجهي نظر جمائي

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڏسندو آهي ماڻهو سمجهندا آهن تہ هي پڪي انهيءَ پاڻي تي عاشق آهي پر حقيقت ۾ هو پنهنجي محبوب جي اولڙي تي عاشق هوندو آهي نہ پاڻيءَ تي.

اي عزيز! سندن انهيءِ تمثيل مان ٻيو ٻہ خدا تعاليٰ جي رازن مان هڪ راز ظاهر ٿئي ٿو. تہ جڏهن عارف ڪثرت موهوميءَ کان لنگهي حقيقت ڏانئي روان ٿئي ٿو۽ انهيءَ مقام ۾ پورو عروج ٿو ڪري تڏهن ڪيس 'فناءَ الفنا' حاصل ٿئي ٿو ۽ علم حصول توڙي حضوري ٻئي زائل ٿي وڃنس ٿا ۽ پوءِ سالڪ کي سير جي اهڙي جلدائي پيدا ٿئي ٿي جو 'خمسين الف سنة'(پنجاهه هزار سال) واري سير کان ٻہ برتر آهي ڇو تہ خمسين الف سنة ملائڪن جو سير آهي۽ هي سالڪ تہ انهن جو مسجود ۽ الله تعاليٰ جو خليفو برحق . تنهن ڪري سندس سير ٻہ 'وراءُ الورا' يعني اعليٰ کان ٻہ اعليٰ آهي .

تا نيامد جان آدم آشکار
ره ندانستند سوئے کرد گار

يعني :جيستائين ماڻهو جي خلقت کانہ ٿي هئي، تيستائين الله تعاليٰ ڏانهن وات ڪنهن نہ ٿي لهي سگهي.

ره پديد آمد چوں آدم شُد پديد
قفل دردت را کليد آمد پديد

يعني: جڏهن ماڻهو پيدا ٿيو تڏهن وات ٻہ ظاهر ٿي رهي ۽ تنهنجي درد جي ڪلف لاءِ ڪنجي پيدا ٿي پئي.

پوءِ انهيءَ سلوڪ ۽ سير جي هميشہ هجڻ لاءِ کا حد کانهي. انهيءَ مقام ڏي مخدوم ميان عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره پنهنجي بيت ۾ پتو ڏنو آهي:

مسافر مسجود ٿيو مڙني مقيمن لاءِ
ملڪ مدامي ماڳ، سالڪ ۾ سفر

اتي مسافر مان مراد ماڻهو ۽ مقيمن مان ملائڪ ۽ سفر، انهيءَ سير ۽ سلوڪ ڏانهن اشارو ٿيل آهي. اهڙي سالڪ جي نظر هن ڪثرت واري پاڻي ۾ ٻہ وحدت واري سج جي مثان آهي. انهيءَ ڇڪور پڪيءَ وانگر جو جڏهن چنڊ ايرندو آهي، تڏهن انهيءَ ۾ نظر جمائي ڇڏيندو آهي. اهو سالڪ جي عروج جو حال آهي ۽ چنڊ جو سندس مٿي سامهون اچڻ وارو وقت ۽ سندس نظر ڪرڻ ڪمال عروج سالڪ جو مثال آهي ۽ ڇڪور جو زمين تي ڪرڻ سالڪ جو عروج مان نزول آهي ۽ ڪِرڻ وقت پڪي جو پاڻيءَ جي ٽالهي ۾ نظر ڪرڻ ۽ انهيءَ۾ چنڊ کي ڏسڻ سو سالڪ جي انهيءَ مشاهدي جي مثال آهي جنهن سان عالم ڪثرت ۾ وحدت نظر اچيس ٿي. جيئن تہ شيخ عبدالجليل قدس سره پنهنجي مڪتوبات ۾ شيخ ابو الحسن خرقاني قدس سره کان عبارت نقل ڪئي آهي تہ ماڻهن کي هن ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ عارف کي الله

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تعاليٰ جل شانہ جو پسڻ ٿئي ٿو يا نہ؟ ۽ ابوالحسن قدس سرہ ايترو چوي ٿو تہ:

ہر کرا آن آفتاب ايں جا بتافت
آنچہ آنجا وعدہ بود اين جا بيافت

يعني: جنهن کي وحدت وارو سج هتي دنيا ۾ چمڪيو تہ جيڪو سپاٽي وارو واعدو آهي سو هتي ئي حاصل ڪيائين.

ڪنهن پي بزرگ چيو آهي تہ:

امروز چون جمال تو بے پردہ ظاہر ست
در حيرتم کہ وعدۂ فردا برائے چيست؟

يعني: جڏهن اڄ ئي تنهنجو جمال باڪمال بنا پردي ظاهر آهي تڏهن حيرت آهي تہ سپاٽي جو واعدو ڇا لاءِ آهي؟

نقل3: ڪنهن وقت ۾ هڪڙو فقير سندس خدمت مبارڪ ۾ آيو ۽ ظاهر ڪيائين تہ حضرتا! فلاڻو شخص ذڪر ڪندڙن جي گلا ۽ شڪايت پيو ڪري. پاڻ فرمايائون تہ اها شڪايت تو ڪئي ان شخص ڪانہ ڪئي .

نقل4: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙو شخص مرشد جي طلب ۾ هو، پوءِ جنهن بہ ڪامل جي حضور ۾ حاضر ٿيندو هو اتي استخاره ڪري ڏسندو هو، جنهن جي جواب ۾ خواب منجهہ ڪيس خنزير(مرون) جي شڪل نظر ايندي هئي. جنهن ڪري ناميد ٿي اتان ٻي پاسي ٿي هليو ويندو هو،هيڪر اهو شخص ڪنهن بزرگ ڪامل جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي عادت موجب استخاره ڪيائين.اڳين وانگر خواب ۾ مرون جي شڪل ڏسي اتان موٽڻ لڳو.موڪلائڻ مهل بزرگ چيس تہ اي فقيرا! تنهنجي اچڻ جو ڪهڙو ڪارڻ هو؟ ۽ وري موٽين چو ٿو؟ تنهن تي ان شخص پنهنجو سمورو احوال بزرگ کي بيان ڪري ٻڌايو.بزرگ چيس تہ اڄ رات بہ اسان وٽ رهہ ۽ پنهنجي عادت موجب استخاره ڪري ڏس پوءِ جڏهن توکي انهيءَ مرون جي شڪل جيڪا ڏيکاربي آهي ، نظر اچي تہ يڪدم سندس ڪنن ۾ پنهنجا ٻئي هٿ وجهجانءِ تہ توکي خواب جي تعبير ۽ راز جي سموري حقيقت معلوم ٿي رهندي.اهو شخص ترسي پيو ۽ انهيءَ ڪامل جي فرمودي موجب استخاره ڪري سمهيو جڏهن اها صورت نظر آيس تڏهن يڪدم کٽي ڪنن ۾ هٿ وڌائينس،هٿ وجهڻ شرط سجاڳي ٿي ويس اڃان کٽي ڏسي تہ مرون جي بدران پنهنجن ڪنن ۾ پيا آهن، اتي کيس معلوم ٿي ويس تہ رات جو جيڪا مرون جي شڪل ڏسندو هوس سا منهنجي ئي شڪل هئي .

نقل5: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ هڪڙي ڏينهن سيد ميان ابراهيم شاهہ رحمۃ اللہ علیہ رهندڙ دونهين (پيرلوءِ) جوحضرت مخدوم صاحب قدس سرہ جن سان ملاقي ٿيو ۽ چيائين تہ حضرتا! هي ڪهڙو سبب آهي جو

جيڪڏهن ڪو طالب اسان جي حضور ۾ اچي ٿو ته حياتي تائين اسان جي خدمت کان پري نٿو وڃي ۽ توهان وٽ جيڪو به طالب ٿو اچي سو جڏهن نٿو ڪري، رڳو چار پنج مهينا رهيو موڪلايو ٿو وڃي؟ حضرت مخدوم صاحب جن فرمايس ته انهيءِ جو هي سبب آهي ته جيڪو به اکين جو سڃو ۽ نور وارو شخص اوهان وٽ اچي ٿو ته انڌو ٿي پوي ٿو ۽ نابينائي پاران خدمت مان وڃڻ جي طاقت ئي کانه ٿي رهيس ۽ اسان وٽ جيڪڏهن ڪو انڌو ٿو اچي ته سڃو ٿي ٿو پوي جنهن ڪري مطلب حاصل ڪرڻ بعد موڪلائي هليو ٿو وڃي.

نقل6: پاڻ فرمايائون ته جڏهن آيت سڳوري :

وَلَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ(الانعام: ۵۹)

ترجمو: ڪا به آلي سڪي شيءِ کانه جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ ٿيل نه هجي

نازل ٿي ،تڏهن اها آيت شريف ٻڌي ابوجهل،حضرت پيغمبر ﷺ جي حضور ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو ته تون جو چوين ٿو ته ڪا به آلي يا سڪي شيءِ اهڙي ڪانهي جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ موجود نه هجي، پوءِ مونکي ڏيکار ته منهنجي ٻُڌي ڏاڙهيءَ جو ذڪر قرآن شريف ۾ ڪٿي آيل آهي ؟ پاڻ فرمايس ته تنهنجي ڏاڙهي جو قرآن شريف ۾ ذڪر آهي ۽ هي آيت پڙهيائون :

وَالَّذِيْ خَبُثَ لَا يَخْرُجُ اِلَّا نَكِدًا(الاعراف: ۵۸)

ترجمو: جيڪا پليت ۽ ڪلراٹي زمين آهي ،سا نٿي اوپڙائي ڪو گاهه مگر ٿورڙو ۽ بي فائدو جنهن مان ڪو نفعو نه ملي سگهي.

پاڻ انهيءِ مان ابو جهل جي ڏاڙهي جو نشان ڏنائون .

نقل7: احمد فقير ناهيو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ حجر کان سيرب پي ٺهريائون ته هڪڙي شخص گلا جهڙي ڳالهه شروع ڪئي ،پاڻ فرمايائونس ته' **ڪن اصل نه ٿجي پر اک به نه ٽيڻ گهرجي**' يعني گلا جهڙي ڳالهه ڪنين ٻڌل ته نه ڪجي پر اکين ڏنل به نه ڪرڻ ڪپي .

نقل8: هيڪر پاڻ ڪن سوالين کي ڇڏائڻ لاءِ ميرغلام علي ٽالپر سنڌ جي حاڪم وٽ تشريف فرما ٿيا. ميرمذڪور گفتگو هلندي اعتراض طرح ڳالهايو ته حضرتا! پوڪ ڏاڍي آباد ڪيئو،پر سيئي سقيم ٿي پئي يعني مارجي پئي. پاڻ جواب باصواب فرمايونس ته سقيم ٿي پئي ته به حاڪمن جي دل کان بي حساب رهندي.بي هنڌ هڪڙي معترض عرض گذاريو ته حضرتا! اوهانجا فقير پت ڏاڍو ٿا کائين. پاڻ فرمايونس ته جيڪي ماٹهو بيمارهوندا آهن ته انهن کي گهٽو کائڻ مشڪل لڳندو آهي، باقي جيڪي چڱا پلا تندرست توانا هوندا اهي ڏؤڪري کايندا ۽ انهيءَ ڪري کين کابه تڪليف کانه پهچندي.

ٽين هنڌ به هڪڙي شخص پنهنجي اندروني بغض کان اعتراض ڪيو هو ته حضرتا! اوهانجا مريد تيل سرمي جا ڏاڍا ڪوڏيا آهن.پاڻ فرمايائونس ته جيڪا عورت خوش خلق ،سليڇٽي ۽ سگهڙ هوندي آهي ته انهيءَ جي اولاد سينگاريل هوندي آهي ۽ جيڪا عورت پاڻ بد خصلت ،گندگي ۽ پليتي

۾ ٽپيل هوندي آهي تہ ان جي اولاد بہ اهڙي گدلي نظر ايندي .

نقل9: گل فقير مونگيو رهندڙ ڏوري هنگوري جي طرف جو، جو اها هڪ ديهہ آهي پر ڪٽي چاکر هالي جي ديهن مان، نقل ڪري ٻوتہ هيکر پاڻ حديث شريف کان بيان فرمايائون تہ جيڪو شخص گلا ڪندڙ هوندو تہ قبر منجهہ انهيءَ جي وات کان پيٽ ۾ رت جو واهہ وهائيندا ۽ مٿس ملائڪ مقرر ڪيا ويندا تہ رت هيڏي هوڏي ٽئي تہ وري هٿ سان اندر وجهندس .

نقل10: هيکر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙو بزرگ پٽ کي گهوڙي تي سوار ڪري پاڻ پيادو هڪڙي رستي سان پي ويو .وات تي هلندي ماڻهن جي هڪڙي جماعت ملاقي ٿين، بزرگ کان پڇيائون تہ هي نينگر ڪير آهي؟ چيائين تہ منهنجو پٽ آهي ،تنهن تي ماڻهن کيس جهٽڪيو تہ عجب بي ادبي هليا آهيو،جو تون پيءُ ٿو ڪري پيادو پنڌ ڪندو وڃي ۽ تنهنجو پٽ گهوڙي تي چڙهيو اچي، بزرگ سندن ڳالهہ ٻڌي پٽ کي گهوڙي تان لاهي پيادو اڳ ۾ ڪيائين ۽ پاڻ گهوڙي تي چڙهي روانو ٿيو.ڪجھ پنڌ ڪيائون تہ وري کي ماڻهو ملين ۽ پڇيائون تہ چوڪرو چا ٿيئي ؟ چيائين تہ پٽ ٿيئم .چيائون تہ تون ڪو وڏو بي حياءُ ۽ بي قياس آهين جو پنهنجي ننڍڙي پٽ کي ڪٽي پيادو ڪيو اٿئي ۽ پاڻ گهوڙي تي چڙهيو وڃين. اها ڳالهہ ٻڌڻ سان بزرگ چا ڪيو جو پنهنجي پٽ کي ٻيلهہ پاڻ سان گڏ گهوڙي تي ويهاري اڳتي وڌيو تہ ٽين جماعت مليس جن کين گهوڙي تي چڙهيل ڏسي چوڻ لڳا تہ توهان ڏاڍا ظالم ۽ بي انصاف ٿا ڏسجو .خدا جو خوف بہ ڪو نہ اٿو جو ويچاري مسڪين ضعيف گهوڙي تي ٻئي جڻا چڙهيا آهيو.تڏهن سندس اعتراض ڪري بزرگ پٽ سميت گهوڙي تان لهي پيو.پاڻ گهوڙي جي واڳ ونڊي اڳ ۾ هليو ۽ سندس پٽ گهوڙي جي پوئتان پيادو هڪليندو پيو اچي ،اڳيرو ٽيا تہ چوٽين جماعت ملين ڏٺائون تہ گهوڙو خالي پيو اچي هي ٻئي پنڌ ڪندا اچن سو اهو حال ڏسي ماڻهو ونڊي کليا ۽ چيائين تہ توهين تہ وڏا ڪي مورک ۽ بي وقوف ماڻهو پيا ڏيکارجو. جو خالي گهوڙي کاهيون پاڻ پنڌ پيادل پيا وڃو.اتي انهيءَ بزرگ پنهنجي پٽ کي سمجهاڻي ڏني تہ اي بابا! مان توکي پاڻ سان گڏ ونڊي آيو آهيان سو رڳو هن لاءِ تہ خلق جي اختلاف جوامتحان توکي ڏيکاريان سو ڏسندو وڃ ۽ هوش سان رهجان ۽ تہ هنن صورتن پرستن جو حال اهو اٿئي جو ڪنهن بہ طرح ڪائنس جند ڇڏائي نہ سگهبي.

جيئن ڪنهن بزرگ فرمايو آهي تہ :

قِيْلَ اِنَّ اللهَ ذُوْ وَلَدًا
قِيْلَ اِنَّ الرَّسُوْلَ قَدْ كُهَنَا
مَا نَجٰى اللهُ وَالرَّسُوْلُ مَعًا
مِنْ لِسَانِ الْوَرٰى فَكَيْفَ اَنَا

يعني: نالائق ماڻهن الله تعاليٰ تي بهتان ٻڌي ڇڏيو تہ معاذالله ڪيس پٽ آهي، جيئن عيسائي ۽ يهودي، حضرت عيسيٰ ۽ حضرت عزير عليٰ نبينا وعليهما السلام بابت چوندا آهن ۽ ڪن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بدبختن حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ تي ڪاهن هجڻ جو بهتان رکيو هو، پوءِ جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ ۽ سندس رسول مقبول ﷺ بہ خلق جي زبان کان نہ ڇڻا آهن تہ آءٌ وري ڪيئن سلامت رهندس.

اي عزيز ! طالب کي ڪپي تہ ماڻهن جي ڇڻي آکٽي تي ڪن نہ ڏئي نہ تہ خلق جي اختلافن ۾ سرگردان ٿي هلاکت جي ڪُن ۾ ڪري پوندو. تنهن ڪري سندس چوڻ ۽ ٻڌڻ کان گونگو ٻوڑو ٿي گذارجي .

نقل 11: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ هڪڙو اصحابي سڳورو رضی الله عنه حضرت سرور ڪائنات ﷺ جي حضور ۾ ڪين ويجهو اچي ويٺو. پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايس تہ اي ادا! اسان کان پريرو ٿي ويهہ جو تنهنجي وات مان اسان کي ماڻهن جو گوشت جي بوءِ ٿي اچي. اصحاب سڳوري عرض ڪيو تہ حضرتا! اهو ڪيئن؟ پاڻ فرمايائونس تہ تو پنهنجي ڪنهن مومن ڀاءُ جي گلا ڪئي آهي. جو اها گلا اهڙي آهي جهڙو پنهنجي ڀاءُ جو گوشت کائڻ.

جيئن تہ الله تعاليٰ جل شانہ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي:

وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ۭ (الحجرات:١٢)

ترجمو: هڪ ٻي جي گلا اوهان مان ڪوبہ نہ ڪري. آيا ڪ وٽندو اوهان مان ڪنهن شخص کي جو پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ پوءِ ان کي جيڪر برو ڀانيو.

نقل 12: سيد خليفو نالي منو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ وعظ ۾ فرمايائون تہ ڪنهن بہ شخص جي گلا نہ ڪجي پر جي هروپرو ڪو شخص نہ مڙي تہ پوءِ پنهنجي پيءُ ماءُ جي گلا ڪري تہ وري بہ عملن جو خزانو بيگانن جي هٿ نہ هليو وڃي. بلڪ سندس پيءُ ماءُ جي حوالي ٿيو تہ بہ ضايع ٿيڻ کان بچيو. ڇو تہ قيامت جي ڏينهن گلا ڪندڙ جا ڇڪا عمل کسي جنهنجي گلا ڪئي هوندائين ان کي ڏياري ڇڏيندا.

نقل 13: خليفو ميان لقمان رحمۃ الله عليه نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ لوءِ جي ساداتن بزرگن اسان ڏي پيغام چوائي موڪليو تہ توکي هڪڙي ڪونجي هٿ آئي آهي تہ انهيءَ تي وٺي هيڏا جوش ۽ شورش دنيا ۾ ڪڙا ڪيا اٿئي؟ ۽ اسان وٽ مٺ پريا رکيا آهن تہ بہ ڪو غوغاءُ ڪونهي. پاڻ فرمايائون تہ اسان جواب موڪلين تہ اسان کي جيڪا ننڍڙي ڪونجي ڏني اٿن سا حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي امت کان لڪائي ڪونہ رکنداسون، بلڪ خدا جي خلق تي ايثار يعني بخشيش پيا ڪيون باقي مٺ جي پريا ڪنڊ ۾ رکيا هوندا ۽ ڪنهن کي اتان نفعو نہ پهتو تہ اهڙا بي سود مٺ جهڙا آهن تهڙا نہ.

نقل 14: هي معتبر راوي کان نقل ٿيل آهي تہ پاڻ فرمايائون تہ عورتون توڙي ڪٽي حال واريون هونديون تہ بہ سندن مثال ڪِول وانگر آهي جو ماڻهو جي عضون تي گهمنديون تہ ضرور چڪ پائينديون، "**اهڙيءَ طرح هي رهيون**" يعني عورتون توڙي صاحب حال جون هونديون تہ بہ گلا ڪرڻ کان نہ مڙنديون.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل چوٿون
بي اَدبي جي تنبيه بابت نقلن ۾

نقل 1: پاڻ فرمايائون تہ هڪڙا ٻہ بزرگ روهڑيءَ جي آس پاس جا رهاڪو. حضرت مخدوم صاحب ميان سعدالله لاهوري قدس سره جي خدمت ۾ خدا تعاليٰ جي طلب لاءِ حاضر ٿيا مخدوم صاحب انهن کان پڇيو تہ ڪٿان آيا آهيو، عرض ڪيائون تہ رام تڙ جي ديهہ کان، انهيءَ ديهہ ۾ ڏَنڊ تمام سنا ٿيندا هئا. مخدوم صاحب جن فرمايو تہ انهيءَ ديهہ جا ڪي ڏَنڊ اوهان وٽ آهن؟ عرض ڪيائون تہ نہ. رات اتي گذاري صبح جو سويل مخدوم صاحب کان موڪلايائون ٻہ ڪونہ سڏا پنهنجي ديهہ ۾ آيا ۽ اتان ڏَنڊ سنا سوڪڙيءَ جهڙا ڪيڏي پري ٻڌي هڪڙي ڏگهي ڪاڻي ۾ ٻڌي ٻنهي پاسن کان ڪٽي ڪلهن تي رکيائون. ۽ ڪٽي اڇي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ مشرف ٿيا. ۽ اهي ڏَنڊ نذرانو رکيائون ۽ مريد ٿيا. ٿورڙي ئي وقت ۾ فيض کي پهچي ويا. انهن ٻنهي بزرگن مان هڪڙي جي اولاد ڏاڍي نيڪ ۽ صالح علم وري ٿي باقي ٻي جي اولاد نا اهل ۽ بدعتي ٿي پئي تنهن جو هي سبب هو تہ ان کان پنهنجي پير جي خدمت ۾ ڪا بي ادبي صادر ٿي هئي.

نقل 2: ٻڌو فقير نظاماڻي رهندڙ ٽنڈي بهادر خان نظاماڻي جو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ هئا، احمد خان فقير نظاماڻي، نصير فقير لغاري کي ذڪر پڇڻ لاءِ آڏو آڻي خدمت ۾ ويهاريو. جڏهن پاڻ ڪيس تلقين ڪري رهيا، تڏهن اهو فقير انهيءَ مهل ئي موڪلائي هليو ويو. پاڻ مرڪي احمد خان کي فرمايائون تہ احمد خان! گهوڙيءَ کي بنا وڙ جي گهوڙو ميڙايو اٿئي. سندن انهيءَ فرمودي مان معلوم ٿيو تہ لغاري فقير متيون پنهنجي ارادي ۽ خوشيءَ سان نہ آيو هو بلڪ زورين مسين احمد خان فقير جي چوڻ سان ذڪر پڇڻ آيو هو.

نقل 3: هيڪر پاڻ حضرت ميان صاحب جن قدس سره کان بيان فرمايائون تہ هيڪر حضرت ميان شاهہ عبدالقادر حسيني قدس سره جي خدمت ۾ سندن ڳوٺ سوڍاڻي ۾ (جو چناهہ جي پرڳڻي ماه هڪ ديهہ آهي) هڪڙي ٻئي فقير سان گڏجي قدم بوسيءَ لاءِ ويا سون. پوءِ جڏهن زيارت کان مشرف ٿياسون تڏهن اهو فقير جيڪو اسان سان ساڻ هليو هو، تنهن اسان کي چيو تہ آءُ جيڪر پنهنجي پير جي ڪا خدمت اختيار ڪريان، اسان چيس تہ پير جي خدمت ڪرڻ مشڪل آهي، اسان کان بجاء نہ ٿي سگهندي. پر هو فقير اسانجي صلاح کان سواءِ ئي بورچي خاني جي خدمت ۾ وڃي لڳو. اتفاقاً هڪڙي ڏينهن ڪٽڪ جا اڦراڻا پڇرائي انهن تي ڇڇ سارو گيهہ وجهي خدمت ۾ ڪٽي آيو. جڏهن تہ گهٽو گيهہ سندن طبيعت مبارڪ کي اصلي ناپسند هو. تنهنڪري اهڙي ماني ڏسڻ شرط پاڻ جوش ۾ اچي ويا ۽ گهٽي غصي جو اظهار ڪيائون. اهو حال ڏسي سموري جماعت لرزي ۾ اچي وئي.

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نسبت پاکان درست کن پایۓ ایشان مرو
غرق شد فرعون در دریا و موسیٰ پیشرو

يعني: پاڪن جي نسبت پوري ڪر،يا انهن جي ڪڍ نہ وڃ. ڏٺئي تہ فرعون باوجوديڪ حضرت موسيٰ عليه السلام جي ڪڍ پي ويو تہ بہ غرق ٿي ويو. ڇو تہ سندس نسبت ساڻن درست نہ هئي.

نقل 4: هيڪر پاڻ روهڙي مان ٽيا پريان لوءِ شريف ٿي آيا، واٽ ۾ هڪڙي فقير عرض ڪيو تہ سائين جن جي مريدن مان فلاڻو بزرگ بہ ارشاد ڪري ٿو. پاڻ جواب ڪونہ ڏنائون. تڏهن جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو تہ مون عرض ڪيو تہ حضرتا! انهيءَ بزرگ کي ارشاد جي اجازت آهي ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ نہ. بي هڪڙي حاضر خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! منع ڪرڻ گهرجي. پاڻ فرمايائون تہ جيڪو نيڪيءَ جو ڪم ڪندو تہ ان کي فقير مانع نہ ٿيندو. پوءِ فرمايائون تہ جيڪو شخص چوي تہ منهنجي پوئتان اچ تہ ان جي پوئتان نہ وڃجي، جيڪو چوي تہ منهنجي پوئتان نہ اچ تہ ان جي ڪڍ ضرور وڃڻ کپي ڇو تہ ان جي پويان وڃڻ ۾ ضرور فائدو هوندو.

نقل 5: پاڻ فرمايائون تہ هڪڙو فقير،خيرپور مير سهراب واري جو رهندڙ موريز ۾ ويو. پوءِ جڏهن اتي وڃي وينو تہ مٿس هڪ عجب حالت وارد ٿي وئي. پوءِ جڏهن موريز مان نڪتو تہ پوءِ بہ ڪيترا ڏينهن اها حالت ان سان قائم هئي ۽ مخلوقات جي ان ڏي اچي رجوعات ٿي، فقير جو بہ خلق ڏي لاڙو ٿي پيو. جنهنڪري اها حالت ان کان هلي وئي. ويچارو ان جي گهٽ ٽيٽ کان روئڻ لڳو ۽ دانهون ڪري چوڻ لڳو تہ موريز ۾ ڏٺئي ۽ کل ۾ کسي ورتئي.

اي عزيز! اها نعمت جنهن کي بخشيش ڪندا آهن تہ ڦريندا نہ آهن ، پر بي ادبي جي ڪري ڦرجي ويندي آهي.

از خدا خواهيم توفيق ادب
بي ادب محروم ماند از لطف رب

يعني:الله تعاليٰ جل شانہ کان ادب جي توفيق ٿا گهرون،ڇو تہ بي ادب الله تعاليٰ جي مهرباني کان محروم رهجي ٿو وڃي.

بي ادب تنها نہ خود را داشت بد
بلکہ آتش در همہ آفاق زد

يعني:بي ادب نہ رڳو پاڻ کي بيڙو ڪيائين بلڪ پنهنجي گناه جي باهہ سان سارو جهان ساڙي وڌائين.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 6: پاڻ اڪثر فرمائيندا هئا تہ اسانجي دل ۾ الله تعاليٰ جي طرفان وارد ٿيو آهي تہ اسان جي جماعت ۾ جو مجذوبن مان ڪن کي فيض استقامت نٿو ونئي تنهنجا ٿي سبب آهن. هڪ تہ خداتعاليٰ جي طالبن کي ايذاءُ ڏين ٿا ۽ پاڻ کان پلو سمجهن ٿا ۽ ٻين کي گهٽ ڪري پائين ٿا. ٻيو تہ اها وڏي نعمت آهي جو کين الله تعاليٰ جلشانه جي طرفان عطا ٿئي ٿي، تنهن جو شڪرانو بجا نٿا آڻين، انهي هنڌ پاڻ فرمائيندا هئا تہ 'سستو ورتائون ۽ سستو ڏنائون'، ٿيون تہ محبت ۽ شوق جي غلبي پاران دولتمند ماڻهون هنن سان اچي ٿا لهہ وچڑ ڪن. ۽ انهيءَ لهہ وچڑ ڪري مجذوبن جي بہ انهن دنياوي ماڻهن سان رغبت ٿي پوي ٿي اهو بہ انهيءَ نعمت جي وڃڻ جو وڏو سبب آهي.

نقل 7: ميان سلطان فقير نظاماڻي وينل ٽنڊي بهادر فقير نظاماڻيءَ جو (اها چاڪر هالي جي پر ڳٺي مان هڪ ديهہ آهي) نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ مسجد شريف جي پٺ کان پي آيا ۽ هڪڙي هندو بيمار کان پڇڻ پي ويا، جو هن اهڙو عرض چوائي موڪليو هو. سلطان فقير ٿو چوي تہ آءٌ بہ وڃي خدمت ۾ حاضر ٿيس. ٻيا بہ ڪيترا فقير اچي ساڻ ٿيا هئا. جڏهن انهيءَ هندوءَ جي دروازي وٽ آيا تڏهن جتي مبارڪ ٻاهر لاهي پاڻ اندر گهر ۾ ويا. اتان ٿي وري موٽي مسجد شريف ڏي پي آيا تہ وات تي هڪڙي شخص مريدن مان عرض ڪيو تہ حضرتا! بہ ٿي عورتون پرديدار آهن تن کي دل ۾ اچي خيال پيو آهي تہ جيڪر هن ٻانهي کان مريد ٿين ۽ بہ ٿي پيرا هن غلام ڏي چوايو اٿن. تنهنڪري سائين جن مهرباني فرمائي ٻانهي کا اجازت ڏين تہ انهن کي تلقين ڪيان. پاڻ ان کي ڪو جواب ڪونہ ڏنائون، انهيءَ شخص ٻيهر وري ٽيهر بہ ساڳيو عرض ڪيو. تڏهن پاڻ فرمايائونس تہ اي ادا! جيڪڏهن اهو ڪم منهنجي هٿ ۾ هجي ها تہ آئون جيڪر اڳ ۾ پنهنجن پٽن کي ارشاد جو حڪم ڪيان هان. پر اهو ڪم الله تبارڪ و تعاليٰ جلشانہ جي هٿ ۾ آهي.

نقل 8: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر آئون درگاه مبارڪ تي خدمت اقدس ۾ حاضر هوس تہ مجلس ۾ عارف بالله، عالمُ علمِ عليمِ ميان محمد سليم قدس سرہ جو سائين جن جو وڏو پاءُ هو، سو بہ وينو هو. فقيرن جي جماعت سائين جن جي جذب محبت کان بي اختيار ٿيو سائين جن جي پاءُ ڏانهن پنيرا ٿي پي وينا. پاڻ فرمايائون تہ اي يار! جيڪڏهن اوهان کي اسانجي پائپي جو ادب مد نظر ناهي تہ بہ پنهنجي خدا کان شرم ڪري حضرت پيغمبر ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جي نسبت ۽ سيادت جو ادب تہ هٿان نہ ڇڏيو.

نقل 9: خليفو ميان اميد علي نقل ٿو ڪري تہ هيڪر حضرت مرشد مربي قدس سرہ جي حضور مبارڪ ۾ حاضر هوس تہ هڪڙو هندستاني سيلاني شخص خدمت ۾ آيو. ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! ڪيترين جاين تي مطلوب حقيقي جي طلب لاءِ ويو آهيان پر ڪٿهين چيائون تہ اٿو پيسي پيو ترس تہ توکي ڪارائينداسون، اتي بہ نہ ترسيس. پي هنڌ چيائون تہ اٿو ڳوهجي پيو، ڪن چيو تہ هڪ پاسو ماني جو پڪو آهي باقي ٻيو پاسو پچي، ترس. مگر آءٌ ڪٿي بہ نہ ترسي سائين جن جي حضور ۾ حاضر ٿيو

آهيان تہ پنهنجي ڪريمي جي ڪڪر ۾ رحمت جي درياءَ مان هن اڃايل تي يڪدم توجه عميم جي عنايت ٿئي. پاڻ اهو ٻڌي جوش ۾ آيا ۽ فرمايائونس تہ اي يار! ايتري حجت خداوند ذوالجلال جي درگاهہ ۾ ڪنهن کي بہ ڪانہ آهي ۽ نہ ڪرڻ ڪپي. بلڪ اها روش بي نصيبيءَ جو نشان آهي الله تبارڪ و تعاليٰ جي در تي تضرع ۽ زاري گهرجي ڇو تہ هت عاجزي ٿا قبولن. چالاڪي ۽ بوالفضولي کي هت کو دخل ڪونهي. پوءِ هي مصرعہ زبان وحي ترجمان سان فرمايائون: ’**جز عجز و بيچارگي نقدي ندارد خواجگي**‘ يعني سرداريءَ لاءِ عاجزائي ۽ ويچارائي کانسواءِ بي کا روڪڙ نہ آهي.

نقل 10: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙو بزرگ جمعي نماز ادا ڪرڻ لاءِ مصلي اچي تي بينو تہ اتفاقاً سندس هڪڙو مريد اتي آيو. بزرگ فرمايس تہ اوري اچ ۽ مونسان مصلي تي گڏجي بيهہ. مريد عرض ڪيو تہ حضرتا! سائين جن سان گڏجي مصلي تي پير ڏيڻ بي ادبي آهي، بزرگ فرمايس تہ جيڪڏهن مصلي تي پير رکڻ بي ادبي آهي تہ منهنجي زبان تي پير رکڻ وري ڪهڙو ادب آهي، جو منهنجي حڪم کان تجاوز ٿو ڪرين؟

اي عزيز! مرشد جي حڪم جي مخالفت ڇڻ تہ سندس زبان تي پير ڏيڻ آهي. تڏهن تہ فرمايو اٿن تہ ’**الا مرفوق الادب**‘ يعني ادب کان حڪم جي بجا آوري مٿي آهي.

نقل 11: خليفو ميان اميد علي نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ ٽنڊي بهادر فقير نظاماڻيءَ جي ۾ وضو پئي ساريائون. ۽ سندن روش مبارڪ هوندي هئي تہ وضو سارڻ وقت ڪنهن سان بہ ڪوبہ ڳالهائيندا هئا. ايتري ۾ ستار ڏنو ڪوري ٽنڊي مٿين جو وينل اتي آيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! ماڻهو ٿا چون تہ ڪوري دوزخ ۾ ويندا اهو سندن چوڻ ڪيئن آهي؟ پاڻ وضو ويني ساريائون ۽ ڪوري کي کو جواب ڪونہ ڏنائون تہ هن وري ٻيهر پڇيو.پاڻ وري بہ جواب ڪونہ ڏنائونس تہ وري ٽيهر پڇيائين. ايتري ۾ پاڻ وضو کان فارغ ٿيا ۽ جواب ڏنائونس تہ ’اهڙي تکڙ سان شڪ نہ آهي تہ دوزخ ۾ ويندا.‘

نقل 12: خليفو جامع ملفوظات ﷺ ٿو نقل ڪري تہ هيڪر آءٌ سندن سواري جي رڪيب سان گڏ هوس. هڪڙو مجذوب فقير مٿي ۽ پيرين اگهاڙو سائين جن جي مريدن مان سندن رڪيب جي دوال کي ورتيون ڊوڙندو پئي ويو تہ اتفاقا وات تي هڪڙي زالن جي جماعت حضور جن جي زيارت لاءِ پئي آئي. انهن زالن کي ڏسنديئي انهيءَ مجذوب کافي شروع ڪئي. پاڻ ان کي مٿي ٿي چپاٽ هٽي فرمايائونس تہ هن کان اڳ مات ڪيو پئي آئين. هينئر زالن کي ڏسي ٿو کافي چوين؟

نقل 13: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر ڳوٺ راٽي پور ۾ هڪڙي شخص ڏوٺري جي هڪ دکي پيري سائين جن جي خدمت ۾ حاضر ڪئي. هڪڙي فقير کي وجد آيو ۽هٿ هٽي دکي ڏيجي وڏائين. پاڻ جوش ۾ آيا ۽ فرمايائون تہ هي وجد رحماني ناهي بلڪ شيطاني وجد آهي.

نقل 14: هڪڙي معتبر راوي کان نقل ٿيل آهي تہ هيڪر پاڻ ڪنهن رستي سان پئي لنگهيا ۽ سندن

پوئتان ڪاشف اسرار غيبي خليفو ميان الهرڪيو ﷺ پي آيو ۽ ادب پاران تہ متان سندن پير مبارڪ جو نيشان لتاڙ جي پوي واٽ جو پاسو ورتيون پئي آيو. پاڻ خليفي ڪان گس ڪان پاسي اچڻ جو سبب پڇياٸون. خليفي صاحب عرض ڪيو تہ حضرتا! هن خوف ڪان تہ متان حضور جن جي پيرن سگورن جو نقش لتاڙجي پوي ان ڪري رستي جو ڪنارو ورتو اٿم. پاڻ فرمايائون تہ توهين اسان جي پيري جو ادب ٿا ڪيو پر اهڙا ماڻهو بہ ٿيندا جي اسانجي زبان تي پير رکندا.

نقل 15: هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ ڪو بزرگ صاحب ڪماليت جو هو، تنهنجي روش هوندي هئي تہ جيڪو شخص وٽانس مريد ٿيندو هو ان کي چاليهہ ڏينهن پاڻ وٽ ٽڪائي خدمت سان مشغول رکندو هو. ۽ انهن چاليهن ڏينهن ۾ ڪيس ڪمال حاصل ڪرائي ڇڏيندو هو. جو انهيءَ مدت ڪانپوءِ هو مقصود حاصل ڪري هليو ويندو هو. هڪڙو شخص انهيءَ بزرگ جو هن بدنيت سان اچي مريد ٿيو تہ وڃي سندس ولايت گم ڪري اچان. پوءِ جڏهن انهيءَ خبيث باطن مريد جي خدمت جو وارو آيو تڏهن پنهنجي بد ڪرداري ڪان بزرگ جي ڪاڏي پيتي جي شين ۾ پليتي ملائي بزرگ کي ڏيڻ لڳو. ۽ ٻيون بہ طرحين طرحين بي ادبيون پرپٽ ڪندو هو. جڏهن چاليهہ ڏينهن اچي پورا ٿيا. تڏهن قانون موجب مرشد جي گهوڙي کي مرشد سان گڏجي درياءَ تان پاڻي پيارڻ ويو. ڇو تہ سڀني مريدن جو اهو دستور هو تہ پچاريءَ ۾ مرشد سان گڏجي درياءَ تي گهوڙي کي پاڻي پياري پوءِ موڪلائيندا هئا، پوءِ جڏهن درياء تي پهتا، تڏهن بزرگ گهوڙي تان لٿو ۽ بي ادب مريد کي حڪم ڪيائين تہ هن کي پاڻي پيار. هو گهوڙي کي پاڻيءَ تي وڻي ويو تہ اتفاقا گهوڙو درياء ۾ مُٽ لڳو. شيخ چيس تہ فقير گهوڙي کي پري ڪڍ تہ درياءَ نہ پليت ڪري وجهي. مريد عرض ڪيو تہ حضرتا! گهوڙي جي پيشاب سان درياءَ ڪيئن پليت ٿيندو؟ تڏهن بزرگ فرمايس تہ جي گهوڙي جي پيشاب سان درياءَ پليت نہ ٿيندو تہ تنهنجي ڏنل پليتي سان اسانجو بدن وري ڪيئن پليت ٿيندو؟ تنهنجين انهن بي ادبين ڪري اسان کي ڪوبہ نقصان ڪونہ آهي.

نقل 16: رمضان فقير سهتو نقل ٿوڪري تہ هيڪر پاڻ سفر ڪندي گوٺ سيد پور ۾ لٿل هئا. اتي هڪڙو ڪوهستاني فقير آيو ۽ پري ٿي ويهي رهيو. سندس دل ۾ خيال گذريو تہ ڏسان تہ ڇا حال آهي ڪوهہ ۾ پاڻي آهي يا ڪونهي. پاڻ سندس دل جو خيال معلوم ڪري فرمايائونس تہ اي فقير! بدگمان نہ ٿجي تہ هن ڪوهہ ۾ پاڻي آهي الائي ڪونهي. پهريان پنهنجو دلو ويساهہ جي رسي سان ٻڌي ڪوهہ ۾ وجهي ڏسجي پوءِ جيڪڏهن پاڻيءَ سان ڀرجي اچي تہ منهن نہ موڙجي ۽ جيڪڏهن خالي نڪري اچي تہ پوءِ جيڪي چؤ سو ڏهي.

اي عزيز! انهيءَ فقير جي انهيءَ خيال جو مطلب هي هو تہ حضور جن صاحب ولايت جا آهن يا نہ؟ پاڻ سندس انهيءَ خيال کي ضمير خورشيد نظير جي لطافت سان معلوم فرمائي جواب ڏنائونس تہ اي فقير! روشن ضميرن جي اڳيان اهڙا فاسد خيال دل ۾ نہ آٽڻ گهرجن. ڇو تہ حديث شريف ۾ وارد ٿيل

آهي تہ ’ ظُنُّوا بِالْمُؤْمِنِيْنَ خَيْراً ‘ يعني مؤمنن ۾ چڱو گمان ڪريو.
شيخ سعدي رحمۃ اللہ علیہ ڪهڙو نہ سهڻو فرمايو آهي:

هر بيشه گمان مبر كه خالی ست
شايد كه پلنگ خفته باشد

يعني: سڀ ڪنهن جهنگ ۾ گمان نہ ڪجي تہ خالي هوندو. متان ڪو شينهن سمهيو پيو هجي.

نقل 17: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي قوم هن ڪري گمراهي ۾ ڪفر ۾ وڃي پئي جو پنهنجي نبيءَ کي الله سڏيائون يعني خداتعاليٰ جي پٽ هجڻ جي ڏانهس نسبت ڪيائون پوءِ توڙي پنهنجي سمجهہ ۾ انهيءَ نسبت مان سندن مقصود ۽ ارادو ادب جو هو، پر جڏهن تہ اهو ادب پنهنجي نفس جي راءِ تي ڪيائون تہ الله تعاليٰ عزوجل ۽ پنهنجي رسول جي حڪم ۽ رضا موجب. تنهنڪري سندن ادب عين بي ادبي ٿي پيو.

نقل 18: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ مريد کي پنهنجي مرشد ڏي ويساهہ ۽ ارادو شريعت موافق رکڻ کپي. نصارن وانگر زيادتي نہ ڪرڻ گهرجي جو پنهنجي نبي کي ابن الله چئي نيٺ وڃي گمراهي جو نتيجو حاصل ڪيائون.

نقل 19: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري تہ حقائق آگاهہ خليفو ميان علي محمد رهندڙ سرنواري جو (جو سائين جن جي ڪامل خليفن مان هو) هيڪر ڪنهن هنڌ ان سوار ٿيو پي آيو. جڏهن هڪڙي شهر کي ويجها آيا تڏهن سندس جماعت مان هڪڙي فقير ڪافي چوڻ شروع ڪئي. تڏهن خليفي صاحب جن فرمايس تہ اي ادا! مان ڪ،ڇو تہ اها صفت گڏهن جي آهي جو گڏهہ جڏهن ڪنهن ڳوٺ کي ويجهو ايندو آهي تہ هينگ ڪندو آهي ۽ اها سندس اصلي عادت آهي.

نقل 20: هيڪر سندن حضور فيض گنجور ۾ هڪڙي شخص پنهنجي پٽ جي بي ادبي جي شڪايت ڪئي تہ حضرتا! هي منهنجو پٽ مونکي ڏاڙهي مان وڻي مارينڊو ڪٽيندو آهي. پاڻ فرمايائونس تہ تو پنهنجي پٽ کي ننڍي هوندي ڪجهہ علم ۽ ادب جي تعليم ڏياري هئي؟ چيائين تہ سائين ننڍي هوندي ڏور چاريندو هو، علم ڪجهہ نہ پڙهيو اٿس. پاڻ فرمايائون تہ تڏهن هينئر سندس بي ادبي توسان بجاء حق آهي جو تو پاڻ ان کي ننڍي هوندي علم ۽ ادب سيکاريو ئي ڪونہ آهي.

نقل 21: خليفو ميان اميد علي نقل ٿو ڪري تہ هڪڙو ٿر جو رهاڪو شخص سائين جن جي حضور مبارڪ ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! هينئر مجاز ۾ ڪمال حاصل ڪري ويو آهيان. اڳتي سائين جن جو توجہ گهرجي. پاڻ انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ سان ڏاڍو جوش ۾ آيا ۽ ڪيس جهٽڪ ۽ تنبيہ مان فرمايائون تہ اها هدايت ڪنهن کان سکي ۽ حاصل ڪئي اٿئي؟ انهيءَ ڳالهہ تي پاڻ ڏاڍا رنج رهيا.

نقل 22: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ انهن شخصن جي حال کان عجب ٿو لڳي تہ جن الله تعالي جي

طلب ۾ پنهنجي موهوم هستي کان اڳتي لنگهي ۽ ويا هئاسي وري کيئن انهيءَ ساڳئي هستي جي هينئان پستي ۾ اچي ويا. گهڙي کن مان فرمائي پوءِ فرمايائون ته انهيءَ جو سبب بي ادبي آهي.

نقل 23: ناقل غلام محمد فقير نظاماڻي وينل ٽنڊي سومري نظاماڻيءَ جو (جو اها روپاهه جي ديهن مان هڪ ديهه آهي) ته پاڻ هيڪر لاڙ جي سفر ۾ ديهه الله بخش ٽالپر خاناڻيءَ ۾ گوني واهه جي ڪناري تي لٿل هئا ۽ مثنوي شريف جي تلاوت جي شغل ۾ مشغول هئا ته شغل هلندي خليفي سعيد خان رحمۃ اللہ علیہ زيارت ڪرائڻ يا ڪنهن پي ڪم لاءِ عرض ڪيو جو مجلس مان اٿڻ جو باعث پي ٿيو. پاڻ جوش ۾ آيا ۽ فرمايائون ته جيڪڏهن ڪنهن کي قضا حاجت جو احتياج هجي ته اسان وٽ نه ويهي جو ٻين طالبن جي نفرت ۽ بي جمعتي جو سبب نه ٿئي.

نقل 24: قاضي محمد شفيع نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته مثلا جيڪڏهن ڪو شخص دل ۾ ارادو وهاري ته دين کان ڦريس ۽ وري انهيءَ فعل کان توبه تائب ۽ پيشيمان ٿئي ته الله تعاليٰ جل شانه کيس گناه معاف ڪري ڇڏيندو. پر جيڪڏهن دل ۾ آڻي ته پنهنجي مرشد کان ڦريس ته پوءِ توڙي ان کان پوءِ هزار ڀيرا توبه ڪري ته به هرگز قبول نه پوندي ۽ اهو شخص مثال ڪني آني جي آهي جو توڙي سؤ ڪڙين هيٺ رکجيس ته به هرگز ان مان ٻچو پيدا نه ٿيندو ۽ نه ڪي ڪنهن جي ڪم اچي سگهندو.

محمد به بخشد گنهگار حق را
ولے حق نه بخشد خطائی محمد

يعني:حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ الله تعالي جي گنهگار کي معاف ڪرائي ٿو. پر الله تعاليٰ پيغمبر ڪريم ﷺ جي بي ادب کي نه بخشيندو.

نقل 25: ڪنڌار فقير نهڙيو وينل تڙ ڪلياڻ واقع ٿر جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ ٽنڊي لقمان ٽالپر جي ۾ لٿل هئا، اتفاقا ٽيپهري جي وقت ڪن واٽهڙن ٻروچن جي جماعت گهوڙي سوار ٿي اتان اچي لنگهيا ۽ زيارت جي لاءِ حضور مبارڪ ۾ لڙي آيا ۽ مون حضور جن جي ڪلهي مبارڪ کي زور پي ڏنا. انهن ٻروچن مان هڪڙي عرض ڪيو ته حضرتا! سائين جن جا فقير لواري وارن بزرگن صاحبن جي شڪايت ٿا ڪن. پاڻ فرمايائونس ته جيڪو شخص ڪنهن به بزرگن جي خاندان جي شڪايت ڪندو ته انهيءَ گويا پنهنجي مرشد جي شڪايت ڪئي.

سندن انهيءَ ڪلام مبارڪ ٻڌڻ شرط انهيءَ ٻروچن جي جماعت جي پرئي مڙس کي جو سوني ترار ٻڌيون وينو هو وجد ۾ پئجي ويو هٿيار ۽ ڪپڑا لاهي ڪٽي اڇلايائين. گهوڙو سنجن سميت حضور ۾ نذر رکيائين ۽ پاڻ اسباب جو تارڪ فقير ٿي خدمت ۾ ويهي رهيو.

اي عزيز! سندن انهي فرمودي جي معني هن طرح آهي ته حضرات انبياءَ سڳورن جو وجود مسعود حقيقت ۾ هڪ آهي رڳو صورتن جي اختلاف آهي. جئن ته قرآن شريف ۾ به ان ڏي اشارو آهي ته لَا

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ يعني اسين الله پاڪ جي رسولن ۾ کا تفريق نٿا ڪيون. ۽ اولياءَ سڳورن جو وجود به اهڙي طرح متحد سمجهڻ گهرجي، جو حقيقت ۾ هڪ ۽ ظاهري صورتن ۾ مختلف آهي. ڇو ته هي سڳورا به انبياءِ ڪرام جا قدم بقدم پيرو آهن.

متحد جانہا ست شیران خدا
جان گرگان و سگان ہر یک جدا

يعني: الله تعاليٰ جي شينهن (يعني مقربن) جا ساهه مڙئي متحد ۽ هڪ آهن باقي بگهڙن ۽ ڪتن جا ساهه جدا جدا آهن.

نقل 26: خليفو صاحب جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ڏو ڪري ته هيڪر پاڻ مونکي فرمايائون ته اسين خداتعاليٰ جي خلق سان پيا خير خواهي ڪيون. ۽ هو وري اسانجي انهيءَ خير طلبي جي عيوض اسان سان بدخواهي ۽ شرارت پيا ڪن.اسين ساڻن هي خير خواهي ڇا ڪيون جوڪين الله تعاليٰ ڏي ڇا سڏيون. ۽ پنهنجي صحبت جي ڪوشش ۽ بيفائدن ۽ نقصان جهڙن ڪمن کان روڪ ڇا ڪيون. ۽ هو وري انهيءَ جي برخلاف اسان جي صحبت کي ڇڏي وڃي ٿا صاحبزادن سان سنگتون رکن.جنهنڪري صاحبزادا ماڻهن جي صحبت ۾ خوش ٿي الله تعاليٰ جي طلب ۽ ظاهري علم پڙهڻ کان روڪجي ٿا پون. پوءِ پاڻ بي نصيب ڇا ٿين ۽ صاحبزادا به گهٽو ڪري علم ظاهري جي نعمت ۽ حقيقي طلب جي نعمت کان معطل ڇا گذارن.

نقل 27: صاحبزادو والا تبار ميان محمد شاهه قدس سرہ نقل ڏو ڪري ته هيڪر پاڻ درگاهه مبارڪ واري مسجد شريف ۾ ڪبڙ جي هيڻان اسان کي 'شمائل نبوي' ڪتاب جو سبق پي پڙهايائون ته هڪڙو ٻاهريون سيد شخص جو ظاهري علم ۾ عالم هو. تنهن عرض ڪيو ته حضرتا!جيڪڏهن مونکي اجازت ملي ته هوند ڪجهه وعظ قال الله تعاليٰ و قال الرسول ﷺمان بيان ڪريان. پاڻ جواب ڏنائونس ته هي مڙئي جيڪي تعليم ويٺا ڏيون سو قال الله تعاليٰ و قال الرسول ﷺ آهي. پوءِ جڏهن سبق کان فارغ ٿيا ته اندر حاويلي مبارڪ ڏانهن اسريا ۽ وري اڳين نماز تي تشريف فرما ٿيا. نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ انهيءَ سيد طالب علم جي دلجوئي لاءِ ڪيس وعظ ڪرڻ جو حڪم فرمايائون. اجازت موجب هن ڪرسي تي چڙهي وعظ شروع ڪيو ته ايتري ۾ فقيرن جي جماعت ۾ جو حضرت مرشد معظم جي محبت جي درياءَ ۾ غرق ٿيل هئا. شورش ۽ وڏو جوش پئجي ويو تنهن تي قاضي محفوظ جو سائين جن جو مريد هو تنهن اٿي سيد کي سڏ ڪري چيو ته اي بزرگ! هي ساري جماعت وعظ ۽ نصيحت جي ٻڌڻ لاءِ سڪا ويٺا آهن پر هن مهدي الزمان جي زبان مبارڪ مان (۽ هٿ سان اشارو حضرتو مرشد معظم ڏي ڪيائين) توکي ڪپي ته ڪرسي تان هيٺ لهي اچ، تڏهن هو مان ڪري هيٺ لهي پيو.

نقل 28: هيڪر پاڻ ڪلهوڙن جي ديهه ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. رات جو البته بدن شريف تي تپ جو

اثر لاحق ٿي پيو هون. جنهنڪري صبح جو ٻي طرف رواني ٿيڻ جي تياري ۾ دير ٿي وئي. پوءِ پاڻ انهيءَ حال ۾ آرام منجهه سمهيل هئا تہ ميان محمد علي شاهه ولد ميان مرتضيٰ علي شاهه قدس سره جو سائين جن جو پائٽيو هو اتي آيو. ۽ ڪٽ جي پيراندي کان سپني فقيرن جي پوئتان اچي ويهي رهيو. پاڻ فقيرن کي فرمايائون تہ اي يارو! ميان محمد علي شاهه توهان جي پويان وينو آهي. انهيءَ کي جاءِ ڏيو تہ اڳتي اچي ويهي ۽ حد ادب سيادت ۽ اولاد ميان حضرت صاحب قدس سره جي مد نظر رکو. جڏهن تہ مرشد ۽ مرشد جي اولاد جي بي ادبي فيض باطني جي بند ٿي وڃڻ جو سبب آهي تنهن ڪري اسان الله تعاليٰ جي درگاه مان ٻہ رڪعتون نفل خاص انهيءَ بي ادبي جي عفو لاءِ پڙهي معافي گهري اٿسي. ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو ادب مريدن کي بخشي ڇڏيوسون. تنهنڪري اسان جو اولاد مان ڪوبہ جيڪڏهن فقيرن جي پوئتان اچي ويهندو آهي تہ ڪجهہ بہ نہ چوندا آهيون. پر ٻين ساداتن ۽ حضرت ميان صاحب قدس سره جي اولاد جي ادب لاءِ اوهان کي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. تنهنڪري اوهان ادب جي حد کان تجاوز نہ ڪيو. ڇو تہ ادب باطني فيض جو دروازو کولي ٿو. ۽ بي ادبي بي نصيبيءَ جو نشان آهي.

اي عزيز! اگرچہ سندن مهرباني ۽ بخشيش تمام وڏي آهي پر انهيءَ سندن فرمودي مان حجت وٺي سندن ۽ سندن اولاد جي بي ادبي کي هلڪڙو نہ سمجهن گهرجي. ۽ شيطان جي گمراهہ ڪرڻ ياران ڏوڪي ۾ اچي پاڻ کي لعنت جي ڪُنّ ۾ غرق ڪرڻ نہ گهرجي. ڇو تہ انهيءَ شيطان پاڻ بہ بي ادبي ياران ئي لعنت جو طوق حاصل ڪيو آهي. جيئن تہ حديث شريف ۾ انهيءَ تي هي نقل شاهد آهي تہ اُبي نالي هڪڙو منافق بدڪردار هوندو هو مگر سندس پٽ سڇو مؤمن ۽ اصحابي سڏجي هو. جو هميشہ حضرت پيغمبر ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي خدمت مبارڪ ۾ حاضر هوندو هو. ۽ سفر خواهہ حضر ۾ حضور جن کان پري نہ ويندو هو. پوءِ پاڻ سندس رعايت ڪري ان جي پيءُ منافق سان تمام گهٽي مهرباني ۽ رعايت رکندا هئا. تان تہ اهو ابي منافق مري ويو تڏهن بہ پاڻ سندس پٽ مؤمن جي رعايت ڪري ان جي جنازي تي تشريف فرما ٿيا. ۽ سندس پٽ جي عرض ڪرڻ موجب پنهنجو پهراڻ مبارڪ جو پگهر معطر مبارڪ سان آلو ٿيل هو ڪيس عطا فرمايائون ۽ مغفرت جي دعا ڪيائون تہ الله جي طرفان آيت سڏجي نازل ٿي:

اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ (التوبہ:٨٠)

ترجمو:جيڪڏهن انهن (منافقن) لاءِ ستر دفعا بہ بخشيش گهرندؤ تہ بہ الله تعاليٰ ڪين ڪونہ بخشيندو.

اي دوست! مرشد ۽ سندس اولاد جي بي ادبي بہ اهڙي طرح سمجهڻ گهرجي جو توڙي ڪٽي پاڻ معاف فرمائن تہ بہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي درگاه مان هرگز معاف نہ ٿيندو. بي ادبي بي نصيبيءَ جو وڏو دليل آهي.

نقل 29: صالح فقير ابڙو نقل ٿو ڪري تہ هيڪر آءٔ درگاه مبارڪ تي حاضر هوس. مولوي محمد اسماعيل ڪين دعوت عرس جي ڏيئي پنهنجي گهر وٺي آيو. پوءِ ڳالهين هلندي سائين جن سان ڳالهہ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪيائين تہ حضرتا! پاڇڙ وارن وقتن ۾ سنڌ مان لڏي پوڪرن ۾ ويو هوس. اتي هڪڙو صراف ڏٺو سون جو پيسن جي ڪرائي ڪوٺائي سڃاڻڻ ۾ بي نظير شخص هو. هو اهڙو تہ داناء هو جو ڪابہ شيءِ هٿن ۾ ڪٽي سندس تور اهڙي تہ پوري ٻڌائي ويندو هو جو هڪ رتي فرق بہ نہ ڇڏيندو هو. پاڻ انهيءَ تي ٻيو نقل ٻڌايائونس تہ هڪڙي ڪٽابي ڪنهن مدرسي ۾ پڙهندو هو، سو اتفاقاً اتي هڪڙي سوناري جي زال تي عاشق ٿي پيو. جڏهن ٻيا ڪٽابي شهر مان ماني پني آڻي گڏ ڪندا هئا، تڏهن اهو ڪٽابي ڪين چوندو هو تہ جيڪو ٽڪر فلاڻي گهرمان آندو هجيو سو مونکي ڏيو. پي ماني سيئي اوهين وڃي کائو. ڪٽابين چيو تہ اهو ٽڪر مانين ۾ گڏيل آهي اسين تہ ڪونہ ٿا سڃاڻون. تڏهن عاشق انهن مانين مان اهو ٽڪر سڃاڻي ڪڍي ويهي کائيندو هو. هڪڙي ڏينهن اهو ڪتابي ڪنهن رستي تان پي آيو ۽ انهيءَ رستي سان زالون پاڻيءَ جا دلا پريون ڪنيون پي آيون وات تي تانسين مشهور راڳيندڙ راڳ پئي ڪيو. انهيءَ راڳ ٻڌڻ شرط اهي سڀ زالون بيخود ٿي ويون ۽ گهڙا دڙا ڀيڃي وڃائون. تڏهن اتي انهيءَ ڪٽابيءَ بہ سُر آلاپيو ۽ اهڙو راڳ ڪيائين جو ان جي ٻڌڻ سان انهن ڀڳلن گهڙن جون ٽڪريون بہ نچڻ ٽپڻ لڳيون. اها ڳالهہ وڃي بادشاهہ کي پهتي. جنهن ڪيس گهرائي التجا ڪئي تہ اسان وٽ ٽڪ. پر هن قبول نہ ڪيو. بادشاهہ انهيءَ انڪار جو سبب پڇيس. هن وراڻي ۾ پنهنجي گرفتاري ۽ لاچاريءَ جو احوال عرض ڪيو. بادشاهہ چيس تہ تون اسان وٽ ٽڪ تہ انهيءَ سوناري کي لڏائي پنهنجي ڳوٺ ٿا آڻيون ۽ ڳهہ ڏاهڻ لاءِ ڪيس ٿا ڏيون توکي بہ سامهون اوطاق ڏهرائي ڏينداسون تہ اتان پنهنجي دلدار جو ديدار پيو ڪجانءِ. ڪٽابي چيو تہ اهو ظلم آهي ۽ آڻون پنهنجي محبوب تي ظلم نہ ڪندس.

اي عزيز! جڏهن تہ انهيءَ بزرگ هڪڙي دنياوي ماڻهو صراف جي فضيلت سندن آڏو بيان ڪئي حالانڪ اهل اللہ جي آڏو ادب سان رهڻ ۽ اهڙين بيهودين ڳالهين ڪرڻ کان پاسو ونڻ ضروري آهي. تنهنڪري پاڻ بہ وري سندس گهٽ سمجهہ موجب ڪيس ڪٽابي عاشق جي ڳالهہ سان الزام ڏنائون. نہ تہ پاڻ تہ معنيٰ جا درياءَ هئا. ۽ انهيءَ بزرگ جي سمجهہ جو استعداد جو رڳو عقل معاش تي موقوف هو هڪ ڪونري جي مثال هو. پوءِ ڪونرو درياءَ مان ڇا حاصل ڪري سگهندو؟

نقل 30: خليفو لقمان ﷺ نقل ٿو ڪري تہ پاڻ فرمايائون تہ بعضي بي ادب ۽ نالائق ماڻهو اسان وٽ ايندا آهن ۽ اسين ڪيس ڪجهہ بہ ڪونہ چوندا آهيون. بلڪ ظاهري ڪل خوشيءَ سان ساڻن ڳالهايون ٿا. پوءِ اهي جڏهن ٻاهر نڪرندا آهن تہ فخر ڪرڻ لڳندا آهن تہ پير اسان سان راضي ۽ خوش آهي جو اسان سان ڪلي ڳالهايائين.پر اهي احمق ايترو نٿا ڄاڻن تہ پير انهن سان نٿو ڪلي بلڪ سندن نالائقي ۽ احمقائي تي ٿو ڪلي.

نقل 31: خليفو لقمان ﷺ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر درگاهہ مبارڪ واري مسجد شريف ۾ وعظ نصيحت وينڊي فرمايائون تہ اي يارو! فقيرن کي ادب درڪار آهي. ڪپي تہ پنهنجي طريقي کانسواءِ جيڪي ٻيا طريقا آهن تن جو بہ بي ادب نہ ٿجي. ڇو تہ يهودي ۽ نصارا پنهنجي نبين جي دين تي هئا پر حضرت

پيغمبر ڪريم ﷺ جي دين متين کان انڪار ڪرڻ ڪري الله سبحانہ و تعاليٰ کين گمراھ ڪري ڇڏيو.اھڙي طرح جيڪو شخص فقيرن جي ٻين طريقن جو عيب ڪڍندو تہ اھو يھودين ۽ نصارن جھڙو ڇئبو. پر سيني کي پنھنجي مرشد جھڙو نہ سمجھبو مرشد کي مرشد ڪري ڏسجي. ۽ ٻين ڏي بہ ارادتمند رھڻ گھرجي سندن انڪار نہ ڪجي. پر جي ڪو نالائق انڪار ڪندو تہ اھو يھودي يا نصارو ٿيندو.

نقل 32: ميان غازي خان ٽالپر نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ ڪچ جي سفر تان موٽندي اڪلري ديھہ ۾ نزول ميمنت شمول فرمايائون. اتي ڪن فقيرن ھندستان جي سير ڪرڻ لاءِ ڪانئن اجازت گھري ۽ ايمان لاءِ دعا طلب ڪيائون. پاڻ فرمايائون تہ جيڪو ايڏانھن ويندو تنھن کان اسين بيزار آھيون. اھو پاڻ ڇاڻي اسين سندس ايمان جا ضامن ڪونہ آھيون.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل پنجون
نا اهلن جي صحبت کان پرهيز ڪرڻ بابت نقلن ۾

نقل 1: پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هيڪر حضرت موسي عليہ السلام ڪنهن طرف سير تي نڪتا هئا، وات تي هڪڙو وڏو شهر ڏاڍو آباد ۽ رونق سان نظر آين. اتان جا ماڻهو سڀ صالح ۽ نيڪ بخت زاهد ۽ پرهيزگار هئا. گهٽا ماڻهو اهڙا هئا جي تقويٰ ۽ زهد ۽ پرهيز ۽ رياضت ۽ اخلاقن ۾ پيغمبر جهڙا هئا. حضرت موسيٰ عليہ السلام اتان خوش ٿي هليا ويا. ڪيتري مدت کان پوءِ وري انهيءَ شهر کان لنگهڻ جو اتفاق ٿين ڏنائون تہ اهو سارو شهر غرق ٿي ويو آهي حيرت ۾ اچي الله تعاليٰ کان سبب معلوم ڪرڻ لاءِ دعا گهريائون. حڪم ٿيو تہ اي موسيٰ (عليہ السلام) انهيءَ شهر ۾ هڪ نهر وهندي هئي تنهن مان هڪڙي ڏينهن هڪ بي نمازي ٻوٽ وجهي پاڻي پيتو. انهيءَ جي شامت ۽ بدبختي کان هي ڳوٺ غرق ڪيو ويو. انهيءَ هنڌ پاڻ فرمايائون تہ ڏسو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ رڳو هڪڙي بي نمازي جي بدبختي سان انهيءَ ڳوٺ کي غرق ڪري ڇڏيو. تڏهن انهن ماڻهن جو کهڙو حال ٿيندو جن جي هميشہ بي نمازن ۽ بي دينن سان صحبت رهي ٿي. طالب کي گهرجي تہ بي نمازن، بي دينن ۽ نا پرهيزگارن ماڻهن سان هرگز صحبت ۽ سنگت نہ رکي.

ترا اژدها گر بود يار غار
ازان بہ کہ جاہل بود غمگسار

يعني: جيڪڏهن هن ڪنهن نانگ سان دوستي رکين تہ اهو چڱو ٿي جو جاهل کي وڃي دوست ڪرين.

اگر خصم جان تو عاقل بود
بہ از دوست داری کہ جاہل بود

يعني: تنهنجي ساهہ جو ويري جو داناءَ هجي تہ اهو انهيءَ دوست کان چڱو آهي جو جاهل بي دين هجي.

ز جاہل نيايد جزا افعال بد
وزو نشنود کس جز اقوال بد

يعني:جاهل کان بد ڪمن ڪانسواءِ پيو ڪجهہ نہ ٿيندو. ۽ ڪنائيس گار گند ڪانسواءِ بي ڪا چڱي ڳالهہ ڪانہ ٻڌبي.

ز جاهل گريزنده چون تير باش

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نیامیختہ چون شکر شیر باش

يعني:جاهل کان ائين ڀڄ جيئن ڪانُ ڪمان مان نڪري. باقي کيرڪنڊ وانگي ان سان ملیو وتين سو نہ ڪج.

نقل 2: جامع ملفوظات ﷺ نقل ٿو ڪري تہ پاڻ هيڪر لاڙڪاٽي تعلقہ ۾ لڏل هڪا ۽ اسين سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر هئاسون. ان وقت پاڻ حقيقت ۽ معرفت جا اهڙا تہ غيبي اسرار پنهنجي زبان در فشان مان پڌرا پي ڪيائون جو لکڻ ٻڌائڻ جي حد کان ٻاهر هئا. گفتگو هلندي اوچتي سندن زبان مبارڪ تي ماڻ اچي وئي.۽ انهيءَ مهل چوڌاري نظر ڦيرايائون تہ هڪڙي شخص دانهن ڪري چيو تہ سائين منهنجون مينهون فلاڻو شخص ڦري ويو آهي، خدا لڳ موڪرائي ڏيوم. انهيءَ ساعت پاڻ فرمايائون تہ اسانجي زبان تي ماڻ جو اثر انهيءَ پاران هو.

ڪنهن بزرگ ڪهڙو نہ چڱو فرمايو آهي.

گر هزاران طالبند و يک ملول
از رسالت باز می ماند رسول

يعني: جيڪڏهن هزار هجن طالب ۽ هڪڙو هجي ملول تہ رسول سڳورو پنهنجي رسالت کان روڪجي ٿو پوي.

(بحر العلوم وارو فرمائي ٿو تہ هت "**رسول**" مان مراد نائب رسول يعني عارف ڪامل ۽ رسالت مان مراد "**اسرار رباني**" آهن يعني هزارن استعداد وارن جي وچ ۾ هڪ غير محرم ۽ نااهل ماڻهو هوندو تہ بہ عارف ڪامل اسرارن کي ظاهر نہ فرمائيندو. مترجم عفي عنہ)

نقل 3: پاڻ مخدوم اپوڙي قدس سرہ ڪان نقل بيان فرمايائون تہ هيڪر مخدوم صاحب جا اهليہ مخدوم صاحب تي ڪاوڙيا ۽ چيائون تہ ڏالوءَ کي گهرائي پنهنجو حق خرچ اوهان کان زور سان ونڻون ٿا. ڏالو انهيءَ ملڪ ۾ سرڪاري چوڪيدار کي سڏيندا هئا. مخدوم صاحب اها ڳالهہ ٻڌي ڏڃي ويو. ۽ هڪڙي دوست وٽ جو هڪڙي ديهہ ۾ رهندو هو ڀڄي آيو ۽ انهيءَ دوست کي چيائين تہ مونکي ڪنهن جاءِ ۾ لڪاءِ ڇو تہ منهنجا اهليہ مون تي ڪاوڙيا آهن ۽ چون ٿا تہ ڏالوءَ کي گهرائي زور سان خرچ پرائي ونڻداسون ۽ هي منهنجي لکڻ جي ڳالهہ بہ ڪنهن سان نہ ڪجانءِ. هن ويچاري گهٽيون دلداريون ۽ تسليون ڏنيون. پر مخدوم صاحب اصل نہ مڃيو. نيٺ مخدوم کي هڪ ٻُهہ جي پلي ۾ ڪٽي لڪايائين ۽ ڪاڌي ويل پاڻ وڃي ڪاڌو ڏهاڙي ڏئي ايندو هوس. هڪڙي ڏينهن پنهنجي پٽ کي ماني ڏنائين تہ وڃي مخدوم صاحب کي ڪاراءِ. هو ماني ڪٽي مخدوم صاحب وٽ آيو. مخدوم صاحب چيس تہ تون وڃ ۽ وڃي پيءُ کي هيڏي موڪل. جڏهن هو آيو تڏهن ڪيس ڏوراپو شروع ڪيائين تہ مون جو توکي چيو هو تہ مونکي لڪاءِ پر ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪجانءِ تہ متان مونکي ڪوئي ڏسي وڃي. هينئر

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تنهنجو پٽ موکي ڏسي ويو تنهنکري مونکي کنهن پي جاءِ ۾ لکاءِ تہ متان ڏالو اچي نکري هن ويچاري گهٽائي ايلاز ۽ دلداري جون ڳالهيون کيون. پر مخدوم صاحب هک بہ نہ ٻڌي. نيٺ چيائينس تہ حضرتا! هکڙو ٻيلو آهي جنهن ۾ شينهن کان سواءِ ماڻهو کو کونہ رهندو آهي. اتي هلي لکو تہ اوهان جي مرضي نہ تہ پي اهڙي جاءِ کانهي. مخدوم صاحب چيس تہ شينهن ۽ وحشي جانورن جو کو ٻيو کونهي هل تہ هلون.

اي عزيز! عجب حال کاملن جو آهي جو چوپاين ۽ ڦاڙيندڙ جانورن کان نٹا ڏچن، باقي نالائق، جاهل ۽ ظالم ماڻهن کان پيا لرزن جي جانورن کان بہ بدتر آهن. چو تہ انهن حيوانن کي تہ عارفن کاملن جي شناس آهي. پر نالائقن جاهلن کي کا شناس کانہ آهي.

ز جاهل گريزنده چون تير باش
نيامخته چون شکر شير باش
اگر خصم جان تو عاقل بود
به از دوستداری که جاهل بود

نقل 4: خليفو اميد علي نقل ٿو کري تہ هيکر پاڻ فرمايائون تہ چئن شخصن سان صحبت سنگت نہ کرڻ گهرجي. هک مجذوب چريو، ٻي زال، ٽيون ٻارءِ چوٽون چٹ مجهول ماڻهو.

نقل 5: خليفو سارنگ کلهوڙو نقل ٿو کري تہ پاڻ فرمايائون تہ طريقت جي طالبن کان معنوي امانت ٻيو کو بہ قورو قري نہ سگهندو. باقي هک ٽکي جي زال قري چٹ کري چڏيندس.

اي عزيز! سندن انهيءَ فرمودي مبارک تي هي حديث شريف شاهد آهي جو فرمايل آهي تہ 'النساء حبائل الشيطان' يعني عورتون شيطان جون رسيون آهن. يعني جيئن ٻيون مڙئي شيون رسيءَ سان ٻڌي سوگهيون کبيون آهن تيئن ابليس ملعون بہ مبتدي طالبن کي عورتن واريءَ رسيءَ سان ٻڌي سوگهو کندو آهي. يعني الله سبحانه و تعاليٰ جي طلب کان روکي چڏيندو آهي.

نقل 6: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ٿو کري تہ هيکر پاڻ سيد ميان بچل شاه کي فرمايائون تہ اسين اڄ هکڙي هنڌان آياسون تہ توهان جي نينگر سيد سوڊل شاه کي ڏٹوسون تہ هکڙي واٹئي سان پئي ڳالهايائين سو کيس جهل ڪجو تہ متان کا هندن سان دوستيءَ جي کا نسبت رکندو هجي پوءِ انهيءَ تي هي آيت شريف تلاوت فرمايائون:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ (الممتحنہ: ۱)

ترجمو: اي مومنو! منهنجن ۽ پنهنجن دشمنن يعني کافرن مشرکن کي دوست کري نہ وٺجو.

سکندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سکندري

فصل ڇهون
اميد ۽ خوف جي بيان ۾

نقل 1: صاحبزادو والاتبار ميان ابراهيم شاهه قدس سره نقل ڪيو فرمائي تہ ننڍڙائي واري زماني ۾ اندر حاويلي ۾ وينو هوس ۽ صاحبن سڳورن جي حضور ۾ قيامت جو ذڪر پئي هليو جنهن جي ڏڏ ڪري منهنجي دل تي خوف ۽ هيبت اچي وئي ۽ روڄ جو غلبو ٿيو. پوءِ جڏهن پاڻ اڳين نماز ادا ڪري حرم سراءِ ۾ تشريف فرما ٿيا تڏهن خدمت ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! اسان کي ڪاري قيامت کان امن ڏيارجو پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ڪاري قيامت ڪافرن لاءِ آهي اسان لاءِ ڳاڙهي آهي.

نقل 2: هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ امام احمد بن حنبل رضي الله عنه کي جڏهن سڪرات جو وقت آيو تڏهن غشي جي حالت ۾ لاَ، لاَ. يعني اجان نہ اجان نہ جو لفظ ڪيترا ڀيرا موٽائي پي چيائون حاضرين مجلس کي اچي ڀڙ ورتو تہ متان انهيءَ نفيءَ جي لفظ مان وحدانيت جي نفي مقصود هجيس. ڪجھ مدت کان پوءِ جڏهن کين اِفاقو ٿيو، تڏهن وينل ماڻهن ڪنائن پڇيو تہ انهيءَ نفيءَ جي لفظ جي هر هر چوڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ جواب ۾ فرمايائون تہ انهيءَ غشيءَ جي حالت ۾ ابليس کي ڏٺم تہ ٽوڙ مٿي ۾ وجهيو منهن مٿيو ڀيو پٽي تہ هتان ايمان جي سلامتيءَ سان پيو وڃي تنهنڪري لاَ، لاَ، پئي چيو سون، يعني اجا ساهہ نہ نڪتو آهي پويون ساهہ آهي. تنهنڪري ايمان کسجڻ جو خوف اجا صفا ڪونہ ويو آهي.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

باب چوٿون

هن باب ۾ نوَ فصل آهن

فصل پهريون
توبہ ۽ استغفار بابت نقلن ۾

نقل 1: پاڻ فرمايائون تہ جنهن شخص گناهہ کيو ۽ وري انهيءَ گناهہ کان نہ پشيمان ٿيو، نڪي توبہ کيائين ۽ نڪي انهيءَ گناهہ کري دل ۾ کو ڏک ۽ غم ٿيس تہ اهو گناهہ سندس ذمي رهجي وڃي ٿو۽ جنهن شخص گناهہ کان توبہ ڪئي ۽ تمام گهٽو ڏک ۽ پشيماني کيائين تہ الله تعاليٰ جل شانہ سندس گناهہ معاف ڪري ڇڏي ٿو. جيئن تہ حديث شريف ۾ آهي تہ:

"اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّا ذَنْبَ لَهٗ"

يعني : گناهہ کان توبہ ڪندڙ شخص اهڙو آهي، جو ڄڻ تہ گناهہ کيو ئي ڪونہ هئائين:

دمے بے حق زدن محض گناہ است
بخود مشغول بودن کفر راہ است

يعني: هڪ ساعت بہ الله تعاليٰ جي يادگيري کانسواءِ گذارڻ وڏو گناهہ آهي ۽ نفس سان مشغول رهڻ فقيري جي واٽ ۾ ڪفر آهي.

تُرا ہم دم کشد پندار ہستی
سوئے ظلمت سرائی خود پرستی

يعني: توکي تنهنجي هستي جو خيال هر وقت ڇڪيو نفس پرستي جي اوندهہ ۾ پيو اڇلائي. (تنهن کان پاڻ کي بچاءِ.)

نقل 2: پاڻ فرمايائون تہ ڪوبہ ماڻهو گناهہ کان خالي ڪونہ هوندو پوءِ جڏهن ڪنهن ماڻهو کان گناهہ صادر ٿي وڃي پوءِ ڪپيس تہ انهيءَ مهل ئي وضو ڪري ۽ بہ رڪعتون نماز ادا ڪري الله تعاليٰ جل شانہ جي درگاهہ ۾ تمام وڏي عاجزي ۽ نياز سان عرض ڪري تہ ڏٺي منهنجا آڱ وري ٻيهر انهيءَ گناهہ جي ويجهو نہ ويندس،جيئن ڏڏل کير وري ٿڻ ۾ نہ ويندو آهي،تيئن آڱ بہ يا عمر انهيءَ گناهہ ڏي نہ

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

موتندس. پوءِ جيڪڏهن پانهو ساري جمار پيو گناهه ڪري ۽ اهڙي توبہ سچائي سان پيو ڪري تہ الله تعاليٰ جل شانہ فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن پانهون اهڙي عاجزي ۽ نياز کان نٿو ٽڪجي تہ آءٌ بہ بخشيش کان نٿو ٽڪجان.

رحمتش را تشنہ ديدم بر گناه
آب ديده خويش را كردم پناه

يعني:سندس رحمت کي گناهه تي اچايل ڏٺم ،پوءِ پنهنجن ڳوڙهن جي پاڻي جو اجهو وڃي ورتم.

بود عين عفو عاصی طلب
عرصہ عصيان گرفتم زين سبب

يعني: اي رب العالمين تنهنجي رحمت ۽ عفو جو سڄ گنهگار طلبيبدڙ هو، انهيءَ لاءِ مون گناهن جو ميدان وڃي ورتم.

چونكہ ستاری تو ديدم كار ساز
هم بدست خود دريدم پرده باز

يعني: جڏهن مون تنهنجي ستاري کي ڪم بڻائيندڙ ڏٺو، تڏهن پنهنجي هٿ سان ئي پنهنجو پردو ڦاڙي ڇڏيم.

قطره چند از گناه گر شد پديد
در چينن دريا كجا آيد پديد

يعني: منهنجي گناهه جا جيڪڏهن بہ تي قطرا ظاهر ٿي پيا، تہ تنهنجي اهڙي ڪشادي درياءَ رحمت جي ۾ ڪٿ ظاهر ٿي سگهندا.

نقل 3: پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ جل شانہ توبہ ڪندڙ ۽ پشيمان ٿيندڙ پانهي تي ڏاڍو راضي ٿو ٿئي ۽ سندس موٽڻ ۽ اطاعت ڪري باري تعاليٰ مٿس اهڙو خوش ٿئي ٿو، جيئن ڪو شخص اٺ تي پنهنجي کاڌي پيتي وغيره جو سامان رکيو پيو وڃي ۽ ڪنهن رڻ پٽ ۾ سندس اٺ سامان سوڏو گم ٿي وڃي ، هي اٺ تان آسرو لاهي پنهنجي حياتي تان هٿ ڌوئي ويهي ۽ عين اهڙي مايوسي جي وقت ۾ اهو وڃايل اٺ اوچتي لڀي پوي تہ جهڙي طرح اهو شخص فرحت ۽ خوشي انهيءَ مهل حاصل ٿو ڪري. الله تعاليٰ جل شانہ بہ اهڙو ئي انهيءَ پانهي توبہ ڪندڙ کان راضي ۽ خوش ٿئي ٿو .

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٻيون
مرشد جي صحبت ۽ الله تعاليٰ جي طالبن متعلق نقلن ۾

نقل 1: هيڪر پاڻ پنهنجي والد شريف يعني حضرت ميان صاحب قدس سره جن کان نقل فرمايا ٿون ته حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن جي وصال کرڻ کانپوءِ دل ۾ خيال آيو ته کنهن کامل جي صحبت ۾ وڃي مستفيد ٿيون .اهو خيال کري درازن ۾ حقائقِ آگاهه ميان صاحبڏني فاروقي رحمة الله عليه وٽ اچي ملاقي ٿياسون. گهڙي کن ويهڻ بعد کنان پڇيوسون ته جيڪڏهن کو طالب خدا تعاليٰ جي طالب وٽ اچي ته چا کرڻ گهرجيس؟ هن بزرگ جواب ڏنو ته دل حاضر کري. اسان وري پڇيو ته جي کنهن کي دل ئي نه هجي ته پوءِ چا کري؟ انهيءَ جو کو به جواب نه ڏنائون پوءِ اتان موکلائي کوڙڻي ۾ ويا سون ، اتي هڪڙي عورت کاملہ مگر مجذوبہ هئي ،کيترا ڀار سندس کيڙ پٽر هٽندا ڊوڙندا پي ويا ۽ ان عورت کين گاريون پي ڏنيون. اسين سندس چوڻ آکڻ مان فال ونڻ لاءِ منتظر ٿي بيهي رهياسون، تان ته سج گهٽو چڙهي آيو. جڏهن چوکرا پنهنجن خيالن سان ويا هليا ، تڏهن انهي مجذوبہ اسان ڏانهن نهاري هڪ پٽر کڻي اسانکي هنيو ۽ چيائين ته:

'اي پهاج! رچ پيتو اٿي اچان ٿي اتي ڪڙي چنڊين.'

انهيءَ ٻڌڻ سان اسان جي دل کي تسڪين ۽ آرام حاصل ٿي ويو. ۽ ان کانپوءِ کنهن به مشائخ جي صحبت کانہ کئي سون ۽ هيڏي هوڏي وڃڻ جي سڌ اسان جي دل مان نڪري وئي.

نقل2: هيڪر پاڻ حضرت ميان صاحب قدس سره جن کان بيان فرمايائون ته هڪرو نانڪ شاهي هندو فقير حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن جي خدمت ۾ کڏهن کڏهن ايندو هو. پوءِ جڏهن حضرت مخدوم صاحب جن هن دنيا فاني مان جاوداني جهان ڏي انتقال فرمائي ويا،تڏهن ڪجھ مدت کان پوءِ هڪڙي ڏينهن انهيءَ هندو فقير جي صحبت لاءِ وٽس ويا سون. اسان سان ٻيو هڪ فقير به ساڻ هو.جڏهن سندس جاءِ تي پهتاسون ڏٺوسون ته انهيءَ فقير جو هڪڙو مريد لئي جون ٽوکريون وينو ناهي،اسان جي فقير همراهي کيس چيو ته واهه جون سٺيون ۽ عمديون ٽوکريون پيو جوڙين! تڏهن انهيءَ فقير جواب ڏنو 'هي کيل مهتي ٻڌر جو آهي' يعني پنهنجي گروءَ ڏي اشاروکيائين ته هي به اتان آهي. اسان چيو ته ديڳ مان هڪ داڻو چکيوسون ۽ ديڳ جي سموري ماهيت سمجهي ويا سون. معلوم ٿيو ته انهيءَ نانڪ شاهي فقير جو مريد 'فنا في الشيخ' ۾ آهي. پوءِ جڏهن انهيءَ فقيرنانڪ شاهي وٽ پهتاسون ته اسان کان ڊڄڻ لڳو. اسان چيس ته اي يار اسان کان ڊڄ نہ، نکي ڀڄ. اسان تنهنجي صحبت لاءِ آيا اهيون نہ ٻئي کنهن کم لاءِ ڇو ته اسان اوهانکي حضرت مخدوم صاحب جن قدس سره جي خدمت ۾ کڏهن کڏهن ڏسندا هئاسون. انهيءَ کري تنهنجي صحبت لاءِ آياسون. تڏهن چيائين ته ڀلان هن فقير کي

سکندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

چئو تہ ٻاھر وڃي. جڏھن ويو تڏھن اسان کي انھيءَ جاءِ جي ھڪ ڪنڊ ۾ وڃي ويو،جتي نماز جي جاءِ تيار ڪيل ھئي پوءِ اتي مصلو وجھي ويھي اللہ تعاليٰ جل شانہ جون ڳالھيون ڪيو سون. پر سندس سمورو گفتگو قرآن شريف کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ اسان جي ڪنن تي ڪونہ پھتو. جيڪي بہ ڳالھايا ئين سي سڀ نص قرآن شريف ۽ حديث پاڪ مان ھو.

نقل3: ھيڪر پاڻ فرمايائون تہ جيڪو طالب پنھنجي مرشد جي صحبت ۾ حضور ۾ حاضر ٿو رھي تہ روز بروز ھڪ تر جيتري صفائي سندس دل ۾ حاضر ٿيندي ويندي، ۽ تر جيتري ڪاراڻ سندس دل تان لھندي ويندي، تنھنڪري سندس صحبت کان جدائي اصل نہ گھرجي پر جي صحبت ميسر نہ ھجي تہ پوءِ ڏھاڙي ايائين ايمين جيتري پنھنجي مرشد جي ملفوظات مان پڙھي يا ٻڌي تہ پوءِ پڙھندڙ خواھ ٻڌندڙ جي دل تي تر جيتري ڪارنھن جاءِ نہ وٺندي پر تر جيتري صفائي جو حاصل ٿيڻ مرشد جي صحبت کانسواءِ محال آھي.

یک زمانہ صحبتے با اولیا
بہتر از صد سال طاعت بی ریا

يعني: اولياءَ سڳورن سان رڳو ھڪ گھڙي ويھي صحبت ڪرڻ، سون ورھين جي بي ريا عبادت کان بہ وڌيڪ فائدي واري آھي.

نقل4:ھيڪر پاڻ طالبن جي پاڻ ۾ صحبت ڪرڻ بابت مثال بيان فرمايائون تہ جيڪڏھن ڪاٻي باھ ۾ ٻاربي تہ سڙي ٽانڊو ٽي پوندي ۽ اھو ٽانڊو ٽوري دير کان پوءِ ڪيري يعني ڦليار ٽي رھندو، پر جي انھيءَ ٽانڊي سان ٻيون سڪيون آليون ڪاٺيون ۽ ڪک ڪھڙ ملائي ٻاربس تہ سيني کي باھ وٺي ويندي ۽ اُلا اٽي پوندا ،جنھن سان عام توڙي خاص کي نفع پھچي سگھندو. اھڙي طرح جيڪڏھن طالب ھيڪلو بنا صحبت جي رھندو تہ انھي اڪيلي ٽانڊي وانگر وسامي ويندو ۽ جيڪڏھن گھٽن طالبن ۽ دوستن سان گڏجي صحبت ڪندو تہ اللہ تعاليٰ جي محبت واري باھ دل جي چلھي ۾ الا اٽاري ڇڏيندي.

آتش عشق ارنسوزد نيستان وہم غير
در زمين دل نروید سبزہ گلزار يار

يعني: جيڪڏھن عشق جي باھ سان غير جي وھم وارا ٻوڙا ساڙي نہ ڇڏبا تہ پوءِ دل واري ٻنيءَ ۾ دوست جي باغ واري ساول ڪٽي پيدا ٿي سگندي؟

نقل5: جامع ملفوظات نقل ٿو ڪري تہ جڏھن آءٌ سندس خدمت بابرڪت م درگاھ مبارڪ تي رھندو ھوس، تڏھن ڏسندو ھوم تہ جڏھن فقيرن جون جماعتون ڪيتري طرفن کان خدمت شريف ۾ مشرف ٿيندیون ھيون تڏھن انھن جي ڏسڻ سان ڏاڍو مٺن شوق ۽ ذوق غالب ٿيندو ھو ۽ منھن مبارڪ ڳاڙھو

رتي ورن ٿي ويندو هون ۽ فقيرن تي وجد ،جوش ۽ روچ پئجي ويندو هو. پاڻ انهيءَ وقت هي بيت سنڌي فرمائيندا هئا:

پلي ڪئي پونرن جي واس ونڻ آئيا
تني کي ڪونرن ڏنا هنڊ هيانو ۾

صحبت ايشان خاک را اکسير کرد
لطف شان بر هر دلی تاثير کرد

يعني: سندس صحبت متي کي سون ڪري ڇڏيو ۽ سندن مهرباني سيني دلين تي اثر ڪري وئي.

نقل6: پاڻ فرمائيندا هئا ته طالب کي پنهنجي مرشد جي صحبت لازم ڪري ونڻ گهرجي، بنا ضرورت جي هڪ گهڙي به ان کان جدا نه ٿئي ۽ امرد (چوڪرن) ، زالن ۽ نا اهلن جي صحبت کان ائين پڄي جيئن شيطان کان ۽ نفس پليت کان. جيڪو انسان جو وڏو گهر جو ويري آهي. پڻ فرمائيندا هئا ته زالن جي گهٽي صحبت ڪرڻ سان دل ڪاري ٿي ويندي آهي.

صحبت صالح ترا صالح کند
صحبت طالح ترا طالح کند

نقل7: پاڻ فرمايائون ته اهل الله جي صحبت وقتي نقد يعني يڪدم فائدو پهچائيندڙ آهي ۽ اهل ظاهر جي صحبت رکت جي مثال آهي.مطلب ته ڪاملن جي صحبت مان هن جهان ۾ ئي ذوق شوق ۽ ساهه جي فرحت حاصل ٿئي ٿي. جيئن ته حديث شريف ۾ انهيءَ ڏانهن اشارو آيل آهي ته " لا يَشْقٰى جَلِيْسُهُمْ " يعني سندس صحبتي بدبخت ۽ بي نصيب نه رهندو ۽ اهل ظاهر جي صحبت رکت جي مثال هن طرح آهي جو جيڪو سندس صحبت ۾ داخل ٿيندو تنهن کي رڳو وعظ نصيحت ۽ واعدا وعيد آخرت جا ٻڌائيندا باقي ذوق شوق ۽ دل جو اطمينان پاڻ وٽ ئي کونه هوندن ته ٻئي کي ڪٿان ڏيندا؟ انهيءَ جاءِ تي شهيدِ عشق مخدوم ميان عبدالرحيم فقير مگريي رحمة الله عليه کهڙو نه چگو چيو آهي:

هي روادار رکت جا، هو هٿان هٽ گهرن.

مولانا رومي رحمة الله عليه فرمايو آهي ته:

هر که خواهد همنشينی با خدا
گو نشيند در حضور اوليا
هرکه شد دور از حضور اوليا

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

در حقیقت گشت او دور از خدا

يعني : جيڪو شخص چوي تہ آءٌ الله تعاليٰ جل شانہ جي حضور ۾ ويهان تہ انکي ولين سڳورن جي حضور ۾ ويهڻ گهرجي، پر جيڪو شخص اولياءِ ڪرام جي حضور کان پري ٿيو تہ اهو حقيقت ۾ پنهنجي رب پاڪ جي حضور کان پري ٿيو.

نقل 8 : عبدالله فقير کورواهي (کورواهہ کالهي جي ديهن مان هڪ ديهہ آهي) نقل ٿو ڪري تہ هيڪر فقيرن مان ڪنهن شخص حضور جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! مخدوم ميان بهاءُ الدين قدس سره جا مريد جڏهن پنهنجي مرشد جي زيارت لاءِ ويندا آهن تڏهن پنهنجي پير جي حضور ۾ رڳو تي ڏينهن ترسي پوئتي موٽندا آهن تہ مرشد جي حضور ۾ زياده ٽڪ بي ادبي آهي.پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ادا حضور جي بي ادبي پر پنائي جي ادب کان وڌيڪ چگي آهي ڇوتہ مرشد جي حضور جي برڪت سان انهيءَ بي ادب مريد کي الله تعاليٰ جل شانہ نيٺ پورو ادب نصيب ڪري ڇڏيندو.

حلقہ در گر کج بود بہتر بود
راست در بی حلقہ ہم کہتر بود

يعني: در جو ڪڙو توڙي ڏنگو هوندو آهي تہ بہ چگو آهي ،دروازو توڙي سڏو آهي تہ بہ ڏنگي ڪڙي کانسواءِ ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو.

نقل9: هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ بي بي رابعہ بصري رحمۃ الله عليها کان ان وقت جي بزرگن هيڪر پڇيوتہ توهين الله تعاليٰ جل جلاله جو رضامندو ۽ ناراضپو ڪهڙي طرح سمجهندا آهيو؟ بي بي صاحبہ جواب ڏنو تہ جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ جا ڪي دوست بنا سڏ جي منهنجي گهر ۾ ايندا آهن تڏهن سمجهندي آهيان تہ الله تعاليٰ جل جلاله اسان تي راضي ٿيو آهي ۽ جڏهن پاسو ڪري ويندا آهن ۽ سلام موڪليندا آهن ،تڏهن سمجهندي آهيان اڄ الله تعاليٰ جل جلاله مون تي راضي نہ آهي.

نقل10: ناقل جامع ملفوظات رحمۃ الله عليه تہ هيڪر پاڻ شڪارپور ۾ تشريف فرمائي هئائون اتفاق سان اتي شڪارپور ۾ پٹ جا بزرگ صاحب بہ ڪن سائلن جي ڪم ڪار سان شڪارپور جي حاڪم وٽ لٹل هئا، پاڻ فرمايائون اسانکي حضرت ميان صاحب جن قدس سره جي وصيت فرمايل آهي تہ بزرگن سان صحبت ڪندا ڪريو ۽ انهن کان دعا گهرندا رهجو ، انهيءَ ڪري هن کان اڳ بہ اسين ٻٽي پيرا انهن بزرگن جي ملاقات لاءِ پٹ ۾ ويا آهيون. هينئر بہ ساڻن ملاقات ڪنداسون. اهو خيال ڪرڻ سان پاڻ بزرگ سان اچي ملاقي ٿيا ۽ پنهنجي ذات شريف ، اولاد مبارڪ ۽ جماعت فقراءِ جي لاءِ ڪنان دعا طلبيائون .جامع ملفوظات رحمۃ الله عليه ٿو چوي تہ مون پنهنجي لاءِحضرت مرشد ڪريم جي وسيلي سان بزرگ صاحب کان دعا گهرائي، بزرگ صاحب سيني لاءِ دعا فرمائي.

انهيءَ بزرگ جي تصرفات مان هڪڙو هيءُ بہ هو تہ بزرگ صاحب کي چيلهہ جو سور

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اهڙو هوندو هو جو پي ماڻهو جي ٽيڪ کانسواءِ اٿي نہ سگهندا هئا، مگر نماز پڙهڻ وقت رڳو پهرين رکعت ۾، سو ماڻهو اڌاري بيهاريندو هو، باقي پي سموري نماز ۾ اٿڻ بيهڻ لاءِ ٻئي کنهن جو احتياج نہ رهندو هو، پاڻهي اٿندا ۽ نماز ادا کندا هئا.

نقل11: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ هڪڙي شخص کبوترن قاسائڻ لاءِ کنهن هنڌ ڏٻي اچي اڏي پوءِ جڏهن کبوترگهٽا اچي گڏ ٿيا ۽ خيال کيائون تہ ڏٻي واري جاءِ تان داڻا چڳيون، تڏهن انهن مان هڪڙو سياڻو کبوتر هو تنهن ٻين کبوترن کي جهليو تہ ادا! اتان داڻا نہ چڳجو! چو تہ انهن داڻن ۾ مونکي خلل ٿو نظر اچي پر هنن کبوترن سندس چيو نہ مڃيو ۽ وڃي اتي چڳڻ وينا. انهيءَ کبوتر جڏهن ڏٺو تہ منهنجو چيو نہ ورتائون تڏهن پاڻ ۾ لاچار انهن سان موافقت کيائين اڃان ٿوري دير نہ گذري تہ ڏٻي مٿان وري وين ۽ سيئي کبوتر ڦٽڪڻ ۽ هر طرف کنيڙاٽيون هڻڻ لڳا پر کوبہ فائدو کونہ ٿين. تڏهن انهيءَ سياڻي کبوتر ٻين کي چيو تہ مون اوهانکي اڳ ۾ داڻن چڳڻ کان جهليو هو پر نہ مڙيئو، هينئر تہ منهنجي صلاح وٺو تہ وري ۾ هتان چوٽڪارو حاصل کري وجهون. اچو تہ سيئي مڙئي هن ڏٻي جي هڪڙي پاسي کان کنيو هڻون تہ اميد آهي تہ ڏٻي کي مٿي اڇلائي وجهنداسون ۽ هن قيد کان ڇٽي پونداسون جي نہ تہ ائين هڪ هڪ ٿي پيا ڦٽڪنداسون تہ کوبہ فائدو نہ ٿيندو. اها صلاح کبوترن کي پسند آئي ۽ سيني گڏجي وٺي هڪ پاسي کان کنيو اڇليا تہ ڏٻي کڃي وئي ۽ سيئي کبوتر صحيح سلامت نکري ويا.اهو بيان ٻڌائي پاڻ فرمايائون تہ طالبن کي ۾ انهن کبوترن وانگر پاڻ ۾ متفق ۽ يڪدل ٿي الله تعاليٰ ﷻ سان مشغول ٿيڻ گهرجي تہ دنيا ۽ سندس خيالن جي ڏٻي کان آزادي حاصل ٿي ويندن. جيئن کنهن بزرگ فرمايو آهي تہ :

دودل یک شوند بشکنند کوہرا

يعني: ۾ دليون اتفاق کري گڪ ٿيڻ تہ جبل کي ۾ ٽوڙي ڦٽي کن.

نقل12: پاڻ فرمايائون تہ جڏهن نانگ هڪ ٻي سان ملاقي ٿيندا آهن تڏهن پنهنجون زبانون واتن کان ٻاهر ڪڍي ڦيرائيندا آهن.

اي عزيز ! نانگن مان حضرت مرشد مربي جي مراد، الله تعاليٰ جل شانه جا طالب آهن، جي دنيا وما فيها کي ترڪ کري نانگ وانگر خالي هٿين وتن گهمندا، پوءِ جڏهن پاڻ ۾ هڪ ٻي سان ملاقي ٿيندا تہ پنهنجون زبانون قال الله تعاليٰ ۽ قال الرسول ﷺ سان چوريندا،يعني الله سبحانه وتعاليٰ جون ڳالهيون کندا آهن. انهيءَ مثال تي پاڻ نقل فرمائيندا هئا تہ کو بزرگ ٻئي کنهن بزرگ وٽ ملاقات واسطي ويو ۽ انهيءَ صاحب دعوت بزرگ ويچاري وٽ هڻ ۾ رڳو هڪ پيسو هو ٻيو خير! اهو پيسو مهمان وٽ کڻي آيو ۽ چيائين تہ هن پيسي مان جيڪي فرمايو تہ وٺي اچان .مهمان بزرگ چيس تہ انهيءَ هڪ پيسي مان چا آڻيندين؟ ٻيو کجهہ نہ آڻ باقي کوڙو تيل وٺي آءُ تہ رات ڏيئو ٻاري پاڻ ۾ ويهي صحبت کريون ۽ بزرگن جي ڳالهين ۾ رات گذاريون پوءِ اهڙي طرح کري رات گذاريائون.

نقل13: هيڪر پاڻ قلات جي سفر تي تيار ٿي اسريا تہ انهيءَ وچ ۾ ميان بهادر فقير کوکر، خليفي محمد ناهيي ۽ سهراب فقير وساڻ کي دعوت جي لاءِ سائين جن ڏانهن موڪليو ۽ هڪ خط ۾ کين هن مضمون جو لکي ڏنو هئائين تہ " جيڪڏهن حضور جن تشريف نہ فرمائيندا ۽ هن ٻانهي کي طريقہ عاليہ ۾ داخل نہ ڪندا ۽ تقديرا ٻانهو فوت ٿي ويو تہ پوءِ هن نيازمند جو حق سائين جنِ جي ذمي رهندو".

مٿيان ٻئي خليفا حضرت مرشد مربي جن کي شڪارپور ۾ اچي مليا ۽ دعوت ڪري سمورو احوال عرض ڪيائون. پاڻ انهي سبب ڪري قلات جي روانگي جو ارادو موقوف ڪري موتي لاڙ ڏانهن متوجہ ٿيا. پوءِ جڏهن مير الهيار ٽالپر جي ٽنڊي ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو تہ آئون ٻہ قدمبوسي کان مشرف ٿيس. ميان احمد خان ، ميان سلطان فقير جي ننڍو پاءُ حضور جن وٽ تمام معزز ۽ اهڙو مقرب هو جو ٻيو ڪوبہ سندس قرب ۾ ان جي مٽ ڪونہ هو. جڏهن اسين ٻئي سندس خدمت ۾ حاضر ٿياسون تڏهن پاڻ کو ڪتاب وينِي پڙهيائون پوءِ پاڻ فقير احمد خان کي خطاب ڪري زبان فيض ترجمان سان فرمايائون تہ جيڪڏهن هڪڙي طرف ٻارهن هزارن جو نفعو هجي ۽ ٻي طرف ڪنهن ڪامل جي صحبت جي هڪڙي ساعت هجي تہ انهن ٻارهن هزارن کان اها هڪ گهڙي گهٽو افضل ۽ اعليٰ آهي.

يک زمانہ صحبت با اوليا
بہتر از صد سال بودن درتقا

يعني:هڪڙي گهڙي اولياءِ ڪرام جي صحبت ۾ رهڻ سو سال پرهيزگاري ۾ رهڻ کان وڌيڪ مفيد آهي.

ہرکہ خواہد ہمنشينی باخدا
گو نشيند در حضور اوليا

يعني:جي ڪنهن کي الله تعاليٰ ﷻ جي حضور ۾ ويهڻ جي خواهش هجي تہ ولين جي حضور ۾ ويهڻ کپيس.

جامہ شوئی گر بخواہی ای فلان
رو مگردان از دکان گاذران

يعني: اي فلاڻا! جي ڪپڙن جو ڌوپ گهرجئي تہ ڌوٻين جي دوڪانن کان منهن نہ موڙج.

نقل14: پاڻ فرمايائون تہ حضرت ناصرالدين خواجہ عبيدالله احرار ﷺ فرمايو آهي تہ نماز جي وقت لاءِ قضا آهي باقي صحبت جي وقت لاءِ قضا ڪانهي.

ساڳي بزرگ ﷺ هيڪر پنهنجن مريدن کي فرمايو تہ اي يارو! جمعي جي ڏينهن ۾ هڪڙي

سڪندريہ پبليڪشنز، درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

قبوليت جي ساعت آهي جو ان ۾ جيڪا دعا گهربي سا قبول پوندي، پوءِ جيڪڏهن توهان مان ڪنهن کي اها ساعت هٿ اچي ته جيڪر الله تبارڪ وتعاليٰ کان ڇا گهرو؟ سيڪو شخص پنهنجي دل جي خواهش ٻڌائي ويو. خواجہ صاحب قدس سرہ فرمايو ته جي اها ساعت اسانکي الله تعاليٰ جل شانہ، ميسر ڪري ته اسين هوند هي دعا گهرون ته اي خداوند ڪريم! اسان کي جمعيت وارن جي صحبت حاصل ڪراءِ.

نقل15: محمد ذاڪر فقير رهندڙ ٽنڊي قيصر فقير نظاماڻي جو نقل ٿو ڪري ته ترڪ واري حالت جي ابتدائي وقتن ۾ فقيرن کي پاڻ ۾ اهڙي ته محبت ۽ دوستي هئي جو هيڪر حقائق آگاهہ خليفي ميان الهرڪئي قدس سرہ کي دعوت ڪئي هئي سون. ساڻن جماعت بہ تمام گهڻي همراهہ هئي پوءِ جڏهن رات ٿي تڏهن هڪڙي سوڙهي حجري ۾ اچي سمهيا، پر جماعت جي زيادتي ڪري اڏ فقراءَ اڏ رات تائين ٻين فقيرن جي پيرن تي مٿو رکي سمهيا ۽ اڏ رات کان پوءِ پوين فقيرن پهرين فقيرن جي مٿن تي لتون رکي رات گذاري.

اي عزيز! طالبن کي مٿين فقيرن وانگر هميشه پاڻ ۾ پريت ۽ دوستي سان رهڻ گهرجي، ڏسو ته الله تعاليٰ جل شانہ، اصحابن سڳورن کي بہ اهوئي حڪم فرمايو آهي، جو سندن وصف آهي ته

اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ (الفتح:٢٩)

ترجمو: ڪافرن جي مٿان نهايت سخت ۽ درشت ۽ پاڻ ۾ نهايت رحم ۽ پريت وارا.

تنهن ڪري طالبن کي پاڻ ۾ ضرور محبت ۽ دوستي سان صحبت ڪرڻ گهرجي ڇو ته هيڪلي ذڪر فڪر کان صحبت سان تمام زياده ترقي حاصل ٿيندي آهي .

مولانا جامي فرمايو آهي ته:

نہ تنہا عشق ازديدار خيزد
بساكين دولت از گفتار خيزد

يعني: عشق نہ رڳو ڏسڻ مان پيدا ٿيندو آهي بلڪ اها دولت گهٽو ڪري ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان حاصل ٿيندي آهي.

نقل16: پاڻ فرمايائون ته حضرت سرور ڪائنات سيد المرسلين صلى الله عليه وسلم جي زماني مبارڪ ۽ اصحابي سڳورن جي وقت شريف ۾ رڳي صحبت هوندي هئي ۽ صحبت کان سواءِ ٻيو ذڪر فڪر (موجوده صورت سان) ڪونہ هو پاڻ فرمايائون ته اسان جي طريقي ۾ بہ صحبت آهي.

صحبت صالح ترا صالح كند
صحبت طالح ترا طالح كند

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

صحبت ايشان خاک را اکسير کرد
لطف شان بر هر دلی تاثير کرد

يعني:صالحن جي صحبت توکي صالح ڪندي ۽بدبختن جي صحبت توکي بدبخت ڪندي.ولين سڳورن جي صحبت مٿيءَ کي ب سون ڪري ڇڏيو ۽ سندن مهرباني سپ ڪنهن دل تي اثر ڪري ويئي.

نقل17: پاڻ فرمايائون ته هيڪر ڳوٺ احمد پور ۾ ڪنهن سانگي سان ويا سون. اتي هڪڙو بزرگ هو سو تنهن سان ملاقات جو اتفاق ٿيو، انهيءَ بزرگ توحيد جون تمام گهٽيون ڳالهيون بيان ڪري ٻڌايون جن جي ٻڌڻ ڪري اهڙو شوق ذوق حاصل ٿيو جو ڇڇ وقت اتي لڳي ويوسون پوءِ جڏهن اتان موتي حضرت ميان صاحبؒ جن جي حضور پرنور ۾ آياسون، تڏهن پاڻ پڇا ڪيائون ته اي بابا! ايتري دير ڪٿي وڃي لاتو؟ عرض ڪيم ته حضرتا! فلاڻي بزرگ سان صحبت جو اتفاق تي ويو جنهن توحيد بابت ڏاڍيون ڳالهيون ٻڌايون جن جي ٻڌڻ سان دل کي ذوق شوق پئي حاصل ٿيو،تنهن ڪري اتي دير لڳي وئي. پاڻ گهڙي ڪن ماڻ ڪري پوءِ فرمايائون ته اي بابا! بزرگ چگو آهي پر انهن کي رڳو قال آهي حال کان خالي آهن صحبت ڪنهن صاحبدل سان ڪرڻ گهرجي.

نقل18: خليفو ميان لقمان ؒ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ درياءَ جي پار ديهه خجڪ جي سفر تان ٿي درگاهه مبارڪ ڏانهن موٽيا هئا. آئون ب سندن خدمت ۾ آڏو وڃي سندن زيارت کان مشرف ٿي، ۽ ساڻن گڏجي موٽياسون. منهنجي هميشه کان عادت هوندي هئي ته رات جو سندن خدمت بابرڪت ۾ اچي وهندو ۽ رهندو هوس. پر انهيءَ ڏينهن فقيرن جي جماعت تمام گهٽي گڏ ٿيل هئي ۽ جاءِ ب ذرا سوڙهي هئي. جنهن ڪري جاءِ رهڻ لاءِ ميسر نه ٿي سگهي ۽ خليفي ميان اميد علي جي چوڻ موجب هڪڙي علاحدي جاءِ ۾ وڃي اوطاقي ٿيس پر جڏهن ته هن مسڪين جي طبيعت انهي محبوب ڪريم مرشد مربي جي مهربانين جي هريل هئي. تنهن ڪري سندن صحبت کان جدا پوڻ ڪري جيئن مڇي ڪوسي واريءَ تي ڦٽڪندي ۽ ڪٽڪ ديگ ۾ ٽڇڪندي آهي تيئن منهنجي طبيعت کي ب پريشاني ۽ بيقراري ونڊي وئي .نيٺ انهيءَ جوش کان اٿي، حضور جن جي مجلس ۾ آيس، ڏٺم ته ساري مجلس ماڻهن سان ڀري پئي آهي ۽ سندس منهن مبارڪ ڏسڻ لاءِ ڪي ماڻهو هڪ ٻي تي وينا آهن ۽ ڪي ايي پيرين بينا آهن، لنگهڻ جي جاءِ بلڪل ڪانه آهي. پر پوءِ جيئن تيئن ڪري ماڻهن جي وچان ڪرندو اڀتندو اڳتي لنگهي صاحبزادي ميان محمد عطا جي پوئتان گوڏو هٽي اچي وينس انهي مهل فقيرن مولود پئي چيا، پاڻ مونکي سامهون ٿي فرمايائون ته هي مولودي توهانجي جماعت مان آهن؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا! آءُ ڪير آهيان هن سموري موجودات جي ذرڙن کي سائين جن جي حقيقت واري سج جي شعاع وجود ۾ آندو آهي ۽ پنهنجي عشق ۽ محبت ۾ نچندڙ ڪري ڇڏيا آهن. هي عاجز ب درگاهه جو هڪ گولو آهي. پاڻ مرڪي فرمايائون ته تنهنجي ۽ اسانجي وچ ۾ ڪو فرق ڪونهي،مڙئي احديت جو اتحاد آهي.

مون جڏهن حضور جن کي خوش ۽ فرحت وارو ڏٺو تڏهن پنهنجو احوال عرض ڪيو ته حضرتا !ماڻهو اسانجي طعنو ٿا هڻن ۽ چون ٿا ته ظاهري نہ ڏسڻ کان جا توهان کي بيقراري ٿئي ٿي سا به توهانجي گهٽتائي ۽ نقصان جي نشاني آهي. چو ته ان مان ثابت ٿئي ٿو ته اوهان صورتن جا مقيد آهيو ۽ معنيٰ تائين پهتل نہ آهيو. انهيءَ ڳالهه تي دليل هي ٿا ڏين ڏسو ته حضرت اويس قرني رضي الله عنه حضرت پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ظاهري رؤيت کان مشرف نہ ٿيو ته به ڪماليت کي پهتل هو. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون ته حضرت اويس قرني رضي الله عنه پنهنجي والده جي حقن ادا ڪرڻ ۾ پابند هو. پر ڏسو ته حضرت اويس قرني رضي الله عنه کڏهن به حضرت ڪريم صلي الله عليه وسلم جي صحبت ۾ ڪونہ آيو هوءِ حضرت ابابڪر صديق رضي الله عنه وري کڏهن به سندن صحبت کان پري نہ ٿيو هو. پوءِ انهن ٻنهي مان اوهان ڪنهن جو وڏو مرتبو ۽ ڪمال عالي ٿا سمجهو؟ عرض ڪيم ته حضرتا!حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي حضرت اويس قرنيءَ تي وڏي فضيلت آهي. پاڻ فرمايائون ته انهي فضيلت جو سبب اها صحبت شريف ته آهي.

نقل19: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حديث شريف ۾ آيل آهي ته مؤمن دوزخ جي مٿان پل صراط تان قيامت جي ڏينهن اچي لنگهندا تڏهن دوزخ فرياد ڪندو ته

رح رح يا مؤمن! ان نورك ليطفئ ناري

يعني: اي مومن جلد لنگهي وڃ، چو ته تنهنجو نور منهنجي باهه اجهايو ٿو وجهي.!

پوءِ پاڻ فرمايائون ته دنيا وارن جا خيالات به دوزخ جي مثال آهن. پوءِ جڏهن ڪنهن اهل ڪمال جي صحبت ۾ ٿا اچن ،تڏهن سندن واهيات خيالن وارو دوزخ ڪمال وارن جي صحبت واري نور سان اجهامي ٿو وڃي. جيئن ته اهڙي ڪماليت وارن جي لاءِ حديث شريف ۾ فضيلت بيان ٿيل آهي ته،

اِذَا رُؤُوا ذكر الله

يعني: سندن ڏسڻ سان الله تعاليٰ جل جلاله ياد ايندو آهي.

نقل20: ناقل جامع ملفوظات رحمة الله عليه ته هيڪر پاڻ لاڙ جو سفر ڪندي پرڳڻي ولاسي ديهه جهان خان ٽالپر ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ هي عاجز به خدمت بابرڪت ۾ حاضر هو ته هڪڙو هندو فقير ڏرم داس نالي جو انهيءَ ديهه جو رهاڪو هو، سائين جن جي قدمبوسي لاءِ حضور ۾ آيو. پاڻ ڪجھ وقت تائين ساڻس ڳالهيون ٻولهيون ڪيائون. فقير کي بيت هندي ٻولي ۾ تصوف جي باري ۾ چيا. سي پاڻ پسند ڪري ان کان لکرائي ورتائون. پوءِ ان فقير چيو ته سائين هڪڙو وڏ دجلي درياءَ جي ڀڪ سان آهي. انهيءَ وڏ ۾ گل آهن ۽ اهو وڏ درياءَ جي پاڻي سان ڏاڍو تازو ۽ سيراب آهي، ته وري سندس گل به اهڙائي تازا ۽ خوشنما آهن. پوءِ جيڪڏهن انهي وڏ مان ڪو گل ميوي ٽيڙ کان اڳ درياءَ دجلي ۾ ڪري ٿو پوي ته اهو گل گندو ٿي پوي ٿو ۽ بدبوءِ ٿو پيدا ڪري پوءِ چيائين ته وڏ مان مراد آهي مرشد ۽ گل مان مراد آهي مريد! جيڪو مرشد جي رابطي سان ڳنڍيل آهي۽ انهيءَ وڏ جي هيٺان ذات پاڪ جي احديت جو درياءَ پيو وهي پوءِ جيڪڏهن طالب ڪماليت ۽ پڪائي ڪان اڳ مرشد جو رابطو ڇني اڇتي پير

رکندو تہ انهيءَ گل وانگر ڪنو ٿي پوندو.

نقل21: صاحبزادو ميان جمال شاھ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ مرشد مڪرم حضرت ميان صاحب قدس سره جن ديھہ مزار جي ۾ تشريف فرما ٿيا ھئا. حقائق آگاھ بزرگ ميان عبدالرحمان ڏاھاڪي ۾ وينل ھئا. تنهن جو سندن اچڻ جي خبر پڏي سو اعتڪاف ڪي پيڇي اچي حضور ۾ مشرف ٿيو. بزرگ جي ڪٽابين بزرگ کان پڇيو تہ سائين زيارت جي لاءِ اعتڪاف ڪي پيڇي ٻاھر نڪرڻ جو ڪھڙو سبب آھي؟ جواب ۾ فرمايائون تہ اعتڪاف جي لاءِ قضا آھي. پر صحبت جو وقت قضا ٿي نہ سگھندو ڇو تہ اھو وقت ويو تہ وري ھٿ نہ اچڻو آھي، پوءِ بيت پڙھيائون:

صحبت سپرين جي هي پڻ وڏي هاج
قضا ٿئي نماز وقت ورائڻ سڙو.

خواجہ ناصرالدين عبيدالله احرار قدس سره پنهنجي مريدن جي جماعت کي فرمائيندا ھئا تہ نماز جي وقت جي قضا اُٿو پر صحبت جي وقت لاءِ قضا کانہ آھي.

صحبت ايشان خاک را اکسير کرد
لطف شان در هر دلی تاثير کرد

يعني: سندن صحبت متيءَ کي سون بٽائي ڇڏيو ۽ سندس مهرباني سڀ ڪنهن جي دل ۾ اثر ڪري وئي.

نقل22: صاحبزادو والا تبار ميان محمد شاھ قدس سره نقل ٿو ڪري تہ هيڪر اڳين نماز کان پوءِ درگاھ شريف واريءَ مسجد ۾ سندن حضور منجھہ حاضر هوس، پيا بہ گھٽا فقير صحبت ۾ حاضر ھئا، تہ ايتري ۾ مٿان مڪڙن جو انبوھہ اچي لنگھيوءِ ڦولڙيون لاھيندا اڇتي پئي ويا. فقيرن ڦولڙين ڪرڻ جي ڪري مٿي نھاريائون. انهن جو مٿي نھارڻ سندن طبيعت مبارڪ تي گران لڳو ۽ پاڻ ان تي ناخوش ٿي فرمايائون تہ طالب کي مرشد جي حضور ۾ اھڙو ٿي ويھڻ گھرجي جو جيڪڏھن آسمان مٿان اچي ڪڙڪيس تہ بہ اک نہ ڦيرائي ۽ هيڏي هوڏي نہ نھاري.

نقل23: محراب فقير سنجراڻي نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ سفر ۾ عمر ڪوٽ جي ويجھڙائي ۾تشريف فرما ٿيا ھئا.خلق جو سندن زيارت لاءِ وڏو انبوھہ گڏ ٿيل هو تہ هڪڙي شخص مونکي اچي چيو تہ هي ڪيتريون عورتون مشغوليءَ لاءِ منتظر بينيون آهن، سائين جن کي ان بابت خبر ڏيو،مون سندن خدمت ۾ اھو عرض گذاريو پاڻ مونکي فرمايائون تہ تون وڃي انهن عورتن کي هڪڙي هنڌ وهاري اچ تہ اسين هلي کين ذڪر جي تلقين ڪيون ٿا. مون حڪم بجاءِ آندو ۽ پاڻ تشريف فرمائي انهن کي ذڪر ڏسيائون. مونکي ڪنهن عرض ڪرڻ جو خيال دل ۾ هو خيال معلوم ڪري فرمايائون تہ پاڻ ٻئي جھنگ ڏانهن نڪري هلون. عرض ڪيم تہ حضرتا! ڪونرو ڪٽي اچان؟ پاڻ فرمايائون تہ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪونري جو ضرور نہ آهي پر جي ٿيو تہ ٻيلي ۾ مينهن جو پاڻي گهٽو ٻينو آهي اتان وضو سارينداسون. پوءِ جڏهن هيڪلا ٿياسون تڏهن مون عرض ڪيو تہ حضرتا! ڪهڙو سبب آهي جو ڪي فقير ذڪر جي تلاوت ۾ گهٽي پيا ڪن ۽ حضور مبارڪ ۾ اچ وچ ۾ سندن گهٽي پر منجهن فيض باطني جو ڪو اهڙو اثر ڪونہ پيو ڏيکارجي. پاڻ فرمايائون تہ اي يار! رڳو ذڪر تہ ملان ۾ گهٽو ٿا ڪن ۽ اچ وچ ۽ پنڌ ۾ قاصد ۾ رات ڏينهن مشغول ٿا رهن. پر خدا تعاليٰ سان واصل ٿيڻ لاءِ تہ نفساني سڏن جو ڪپجڻ ضروري آهي. سو ماڻهن کان نفساني حرص ،هوا ۽ سڏون رڪجن ئي ڪونہ ٿيون تن کين مقصد کان روڪي ڇڏيو آهي. مون عرض ڪيو تہ حضرتا! نفساني سڏن جي ڪپجي وڃڻ جو ڪهڙو رستو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ مرشد جي صورت کي هر وقت ڏيان ۾ رکڻ. وري عرض ڪيم تہ مرشد جي صورت هر وقت ڏيان ۾ رهڻ ڪهڙي طرح حاصل ٿي سگهندي؟ پاڻ فرمايائون تہ مرشد جي گهٽي صحبت ڪرڻ سان جا ڪبريت احمر ۽ اڪسير بي نظير آهي.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٽيون
ادب بابت نقلن ۾

نقل1: هيڪر پاڻ پنهنجن مريدن جي حق ۾ فرمايائون تہ جهڙي بہ بي ادبي ڪندا سا معاف اٿن. مگر هيترو ڪن جو دل حاضر ڪري ويهن.

نقل2: پاڻ فرمايائون تہ خليفو ميان الهرڪيو رحمۃ اللہ علیہ فرمائيندو هو تہ اسين اشراف ماڻهو آهيون ڏاڙئي شخص کي پنهنجي گهر اچڻ نہ ڏيندا آهيون. پوءِ فرمايائون تہ گهر مان مراد طالب جي دل ۽ ماسوي الله جا خيال ڏارين جي مثال آهن ۽ اشراف ماڻهو مان مقصود سالڪ آهي. تڏهن سالڪ کي کپي تہ غير حق جو جيڪو خيال دل ۾ اچي تہ ان کي اندر اچڻ نہ ڏي ۽ جيئن تيئن ڪيس دفع ڪري پنهنجي دل مان ٻاهر ڪڍي اڇلائي ڇڏي.

هر خيالی غير حق را وزد دان
اين رياضت سالکان را فرض دان

يعني: الله تبارڪ وتعاليٰ کان سواءِ ٻين جا خيال گهر ۾ چور ڪري ڇاڻ اها رياضت وٺڻ سالڪن لاءِ فرض سمجهہ.

نقل3: پاڻ فرمايائون تہ هيڪر حضرت امام حسن رضی اللہ عنہ ۽ حضرت امام حسين رضی اللہ عنہ جن پاڻ ۾ اهڙي طرح ڳالهايو ٻولهايو، جو ان سان طرفين ۾ دل گراني ٿي پئي ،ٿوري ئي ديرڪانپوءِ ٻنهي سڳورن پنهنجي ليکي هڪ ٻئي جي راضي ڪرڻ جي ڪوشش فرمائي. پر حضرت امام حسن رضی اللہ عنہ اڳرائي ڪري حضرت امام حسين رضی اللہ عنہ وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ عذر خواهي پيش ڪيائون. حضرت امام حسين رضی اللہ عنہ فرمايو تہ حق اچڻ جو خدمت عالي ۾ مون تي لازم هو پر رڳو ادب ۽ ٻين ٽن سببن جي ڪري اڳرائي نہ ڪري سگهيس.اهي هي آهن تہ جڏهن ٻن ڇٽن جي وچ ۾ اهڙي گفتگو ٿي وڃي جنهن ڪري هڪ ٻئي تي رنجش ٿي پوين تہ پوءِ جيڪو انهن ٻنهي مان اڳ ۾ وڃي عذر خواهي بجاءِ آڻيندو تہ اهو قيامت جي ڏينهن خلق جو پيشوا ٿي اٿندو ۽ ٻيو تہ هڪ وک جي مقابلي ستر نيڪيون الله تعاليٰ جل جلالہ کيس عطا فرمائيندو، ٽيون تہ راضي ڪرڻ جو ثواب بہ کيس حاصل ٿيندو. پوءِ جيڪڏهن آڳاٽ اڳرائي ڪري اچان ها تہ جيڪر اهي ٽئي درجا مونکي حاصل ٿي وڃن ها تہ بي ادبي ٿي پوي ها تنهن ڪري اچڻ ۾ اڳرائي نہ ڪيم تہ اهو مڙئي ثواب اوهان کي حاصل ٿئي ۽ آڳاٽ بي ادبي کان بچي وڃان.

نقل4: پاڻ فرمائيندا هئا تہ خواجہ بهاءُ الدين نقشبندي قدس سرہ کي خواجہ بابا سماسي قدس سرہ پنهنجو پٽ ڪري سڏيو هو، پر ظاهر ڪري طريقت ۾ دست بيعت سيد مير گلال قدس الله سره الاقدس

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

کان ٹيا هئا اهو بزرگ گلال هن کري سڏبو آهي، جو پاڻ کنيارکو ڪم ڪندا هئا، گلال فارسي ۾ کنيارکي چئبو آهي، پوءِ پاڻ جڏهن ٽانو ٺاهي تيار ڪندا هئاتڏهن مريد واري واري سان انهن ٽانون کي پچائيندا هئا. پوءِ جڏهن حضرت خواجہ بهاءُ الدين نقشبندي جو وارو آيو تڏهن پنهنجي دل ۾ ويچار ڪيائين ۽ پڪو ارادو ڪيائين تہ مرشد جا ٽانو ڪک ڪهجر تي نہ پچائڻ گهرجن. پوءِ ڇا ڪيائين جو پهريائين هڪڙو پير ڪٽي آويءَ جي باهہ ۾ وڌائين وري پيو وڌائين ائين ڪندي نيٺ سارو جسم باهہ ۾ ڪٽي اڇلايائين تہ ائين باهہ مان آواز آيو تہ "بس يانقشبند". پاڻ فرمائيندا هئا تہ خواجہ صاحب کي جو نقشبند جو نالو مليو سو انهي ئي سبب ڪري.

نقل5: پاڻ فرمايائون تہ جڏهن حضرت سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطاسي قدس سره السامي جي والده شريفہ رضا ڪئي تڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ کين خبردار ڪري فرمايو تہ اي بايزيد! هينئر منهنجي واٽ ۾ خبردار ۽ هوشيار ٿي هلجانءِ ڇو تہ جڏهن تنهنجي ٻيڙڻي ضعيفہ والده حيات هئي تہ جيڪا بي ادبي تون کان صادر ٿئي ٿي تہ انهيءَ ٻيڙڻي مسڪين جي پاس خاطر ڪري تو کي معاف ڪئي ويندي هئي هينئر توکان ڪجهہ بہ بي ادبي ظاهر ٿيندي تہ انهيءَ جي پاران حساب ورتو ويندو.

نقل6: پاڻ فرمايائون تہ مخدوم صاحب ميان جمال الله قدس سره علم ظاهري پڙهڻ وران ڏينهن ۾ پنهنجي استاد کان ڪو ڪتاب مطالعي لاءِ اڌارو ورتو هئائون سندن روش هوندي هئي تہ استاد جي ادب پاران پنهنجو ڪتاب هينان ۽ استاد جو ڪتاب مٿان ڪري رکندو هئا ،پر جي ڪنهن وقت برسات جو خوف هوندو هو تہ پوءِ پنهنجو ڪتاب مٿان ۽ استاد جو ڪتاب هيٺ ڪري رکندا هئا تہ متان مينهن ۾ پسي پوي. هيڪر پاڻ ٻيلي ۾ هئا ۽ اهي ٻئي ڪتاب ساڻ هين اتي کين وضوءَ جي حاجت ٿي. تنهنڪري هڪڙي ڪانهن جي ٻوڙي تي پنهنجو ڪتاب هينان ۽ استاد جو مٿان رکي وضو سارڻ ويا اها زمين درياءَ جي ٻڪ سان هئي تنهن ڪري سيلاب ڪري گپ ٽيل هئي اتفاقا سندن پويان هڪڙو گدڙ آيو تنهن سندن استاد جو ڪتاب مٿان رکيو هو ڪٽي هليو ويو. مخدوم صاحب جڏهن وضو ساري آيا ۽ ڪتاب ڪونہ ڏٺائون تڏهن جاچا ڪرڻ ڪانپوءِ گدڙ جو پيرو نظر آين ٻڪ سمجهيائون تہ ڪتاب گدڙ ڪٽي ويو آهي. جڏهن تہ ڪتاب سندن استاد جو هو تنهن ڪري لاچار ٿي گدڙ جي پيري تي اڌ کان هڪ ليکو ڪڍيائون ۽ وري ٻيو ليکو انهي ليکي جي اڌ تي لفظ مبارڪ 'ياسين' چئي ڪٽي ڇڪيائون. ايان اڳتي ٻہ ٽي وکون وڃي ڏسن تہ گدڙ ٻہ اڌ ٿيو پيو آهي ۽ ڪتاب سندس آڏو ڪريو پيو آهي. مخدوم صاحب کي انهيءَ گدڙ جي مارجڻ ڪري هميشہ طبيعت مبارڪ ۾ افسوس رهندو هو، پر رڳو استاد جي ڪتاب جي ادب پاران لاچار ٿي اهڙي طرح ڪيو هئائون. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اسانکي حضرت ميان صاحب قدس سره جن ياسين شريف جي زڪوات لک پيري ڪڍڻ لاءِ ڪوشش فرمائي هئائون. پر اسانکي ميسر نہ ٿي سگهي.

نقل7: خليفو ميان لقمان رحمۃ الله عليہ نقل ٿو ڪري تہ پاڻ فرمايائون تہ مخدوم جمال الله قدس سره پنهنجي استاد

سڪندريہ پبليڪشنز، درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مخدوم ايوڙي ﷺ کان کو ڪتاب سبق پڙهڻ لاءِ ورتو هئائون ۽ استاد جي ادب ڪري پنهنجو ڪتاب هينان ۽ استاد جو ڪتاب مٽان ڪري رکندا هئا. هيڪر آسمان تي جهڙ هو تنهن ڪري جڏهن سبق ونڻ آيا، تڏهن مينهن جي قطرن پوڻ سبب پنهنجو ڪتاب مٽان ۽ استاد جو هينان رکيو هئائون. سندن استاد ڏسي فرماين ته اسان جو ڪتاب هينان رکيو اٿئي؟ مخدوم صاحب استاد جي عتاب يعني ڏوراپي کان بي خبر ٿي زمين تي ڪري پيا. ٿوري دير کانپوءِ اٿي عرض ڪيائون ته حضرتا! برسات جي سبب سائين جن جو ڪتاب هينان رکيو اٿم ته متان مينهن جا ڦڙا آنجناب جي ڪتاب تي پئجي وڃن پوءِ سندن استاد خوش خورم ۽ راضي رضامند ٿيا.

نقل8: پاڻ فرمايائون ته هيڪر اسين پنهنجي استاد حافظ صاحب ﷺ جن جي خدمت ۾ هڪڙي سفر منجهه ساڻ هئاسون. ڪنهن آيت شريف جا فائدا بيان ٿي رهيا هئا ،اسان کانئن پڇيوته اها آيت شريف ڪهڙي سورت ۾ آهي؟ ته مان ڪري ويا ۽ جواب ۾ ڪجهه به نه فرمايائون. اسانکي پنهنجي انهيءَ پڇا کان طبيعت تي بار ٿي پيو ته متان استاد صاحب کي خاطر گراني ٿي هجي. جڏهن بي هڪڙي ديهه ۾ وڃي لٿاسون تڏهن اتي وضو ساري فرمايائون ته بابا! تو اسان کان پڇيو هو ته اها آيت ڪهڙي سورت ۾ آهي ان وقت اسان کي وضو ڪونه هو ادب جي ڪري سورت جو نالو نه ورتوسون هينئر وضو ساريو اٿون ۽ ٻڌايون ٿا ته فلاڻي سورت شريف ۾ اها آيت ڪريمه آهي.

نقل9: پاڻ فرمايائون ته هيڪر اسان جا استاد حافظ صاحب ﷺ درگاهه شريف ۾ حضرت ميان صاحب قدس الله تعاليٰ سره الاقدس جي خدمت ۾ آيا هئا، پاڻ سندن ماني آندائون. حافظ صاحب جن ماني کاڌيءِ رات اتي مسجد ۾ رهي پيا. سومهياڻي نماز کانپوءِ حضرت ميان صاحب قدس سره جن اسانکي ۽ اسانجي پاءُ ميان مرتضيٰ علي شاهه کي امر فرمايائون ته توهين رات جو حافظ صاحب جن جي خدمت ۾ رهجو، پو ته متان رات جو حافظ صاحب جن کي هيڪلائي ٿيندي هجي .سندن حڪم ڪري اسين رات جو حافظ صاحب جن جي خدمت ۾حاضر ٿياسون. ٿوري دير کانپوءِ اسان تي ننڊ غلبو ڪيو ۽ ٻئي ڇڙا حافظ صاحب جي پاسي کان هڪڙو سڄي طرف کان ٻيو ڪٻي پاسي کان سمهي رهياسون. حافظ صاحب جن ميان مرتضيٰ علي شاهه کي چيو، ته بابا! تون پنهنجي پاءُ جي پاسي کان سمهي پؤ. پر هن چيو ته مان اتي سمهيو پيو آهيان. انهيءَ رات استاد صاحب ساري رات ننڊ نه ڪئي. ۽ اسان ٻنهي ڇڻن جي وچ ۾ وينا رهيا. جو مون ننڊ مان ڪنهن مهل اک کولي پي ڏٺم ته پاڻ وينا هئا، انهيءَ وقت ته سندن سجاڳي جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو هو، پر هينئر معلوم ٿيو آهي ته اسان ٻنهي پائرن جي لحاظ ۽ ادب ڪري نه سمهيا هئا ته متان مرشد جي اولاد ڏي پٺي تي پوي.

نقل10: پاڻ فرمايائون ته حضرت ميان صاحب قدس سره جن ڳالهه ڪئي ته هيڪر اسين حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن جي خدمت ۾ پريان لوءِ ويا هئاسون.ٻٽي ڏينهن اتي ٽکي جڏهن ڳوٺ ڏي موڪلائي موٽڻ لڳاسون تڏهن مخدوم صاحب جن فرمايو ته اي شاهه صاحب ! هن پيري توهانجو اڇڻ اسان لاءِ نه

هو. اها ڳالهه ٻڌي اسين ڏاڍو فڪر ۾ پئجي ويا سون ۽ گهٽو ئي ويچار ورتوسون، پر سندن فرمودي جو مطلب معلوم ٿي نه سگهيو. نيٺ پنهنجي فقير کان جو ساڻ هو پڇا ڪئي سين، تنهن چيو ته مون ڪپڙي سبڙ لاءِ پريان لوءِ ڳوٺ مان هڪڙي سئي خريد ڪئي آهي. وڌيڪ خبر نه آهي. اسان چيس ته تنهنجي انهيءَ سئيءَ ڳنهڙ ڪري هن پيري اسان جو اڃڙ ئي بي سود ٿي ويو. فائدو ته نهيو، پر رهندو نقصان ڪيئي.

نقل11: پاڙ فرمايائون ته هيڪر حضرت ميان صاحب قدس سره جن ڪنهن رستي ۾ گڏيا پي ويا سون. پر ادب جي ڪري رستي جي پاسي سان پي ويا سون ته متان اسانجو پير، سائين جن جي پير مبارڪ تي اچي وجي. پاڙ فرمايائون ته رستو نه ڇڏيو. پر پير ڏيڙ مهل خيال سان پيري کان پري پير رکندا اچو. سندن فرمودي موجب ٻه ٽي وکون ڪڍ هليس ته وري خيال آيو ته پيرو اورانگهڙ ٻه ته بي ادبي آهي. تنهن ڪري وري رستو ڇڏي پرسان هلڙ لڳاسون. پاڙ فرمايائون ته ڇو واڙ ڇڏيئي؟ عرض ڪيم ته حضرتا! پيرو مبارڪ اورانگڙ ۾ پير اڳتي رکڻ بي ادبي آهي. تنهن ڪري رستو ڇڏيم. انهيءَ تي پاڙ زبان فيض ترجمان سان نقل بيان فرمايائون ته ڪنهن شخص رستي کان پڇيو هو ته تنهنجي پڻ ماڙهن جي اڇ وڇ کان ڪڏهن خالي ٿئي ٿي يا نه؟ رستي زبان حال سان جواب ڏنو ته جنهن وقت ڪي ٻه سچا يار وفادار مون تان لنگهندا آهن ته انهيءَ وقت منهنجي پڻ خالي ٿيندي آهي، ڇو ته هو ٻئي هڪ ٻئي جي ادب کان مون کي ڇڏي منهن جي ٻنهي پاسن سان پنڌ ڪندا ويندا آهن.

نقل12: جامع ملفوظات رحمة الله عليه نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڙ حضرت ميان صاحب قدس سره جن جي مزار مبارڪ جي زيارت لاءِ آيا هئا. اتي حافظ ڳهٽي فقير جو گهر هو، جو حضرت ميان صاحب قدس سره جي مريدن مان هو. شيخ طيب رحمة الله عليه جي مقبري شريف جو مجاور ٿي رهندو هو.انهيءَ رات پاڙ حافظ مٺين جي دعوت تي وٽس طعام کاڌائون. پوءِ جڏهن فقير سمهي رهيا، تڏهن پاڙ حضرت ميان صاحب قدس سره جن جي زيارت لاءِ ويا. ۽ ساري رات اتي ترسيا. صبح جي نماز تي وري مسجد شريف ۾ آيا ۽ جماعت سان نماز ادا فرمايائون جڏهن اشراق جي نفلن کان فارغ ٿيا. تڏهن وري زيارت لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ آڻ ٻه ساڻن گڏ ويس. پاڙ اهڙي ته ادب ۽ آهستگي ۽ نرمي سان دم بند ڪيون ويا جو بيان کان ٻاهر آهي. آڻ ٻه هٿ ٻڌيون سندن ڪڍ پئي ويس.جڏهن زيارت ڪري ختمو ڏيئي اٿيا، تڏهن جتي بينا پئي اتي فرمايائون پئي ته هي قبر اسان جي فلاڻي قريب جي آهي، ۽ هيءَ فلاڻي جي آهي. اهڙي طرح سيني قريبن جا نالا ونڊندا. کين ختمو ڏيندا آيا پوءِ ڪٿهين ويهي فاتحه پئي پڙهيائون ۽ ڪٿهين بيني ئي ختمو پئي ڏنائون، جڏهن زيارت کان فارغ ٿيا، تڏهن موتي مسجد شريف ۾ تشريف فرما ٿيا. اتي حافظ ڳهٽو ماني ڪٽي آيو. اتفاقا مون ٻه سائين جن جي پرسان پين فقيرن سان هڪڙي ٽانو ۾ وينِي طعام کاڌو. اسانجو ٽانو کپي ويو تڏهن سائين جن جي ٽانو ۾ جو طعام اجان تائين پيو هو تنهن لاءِ هٿ وڌم پاڙ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ مبارڪ سان جهلي فرمايائون ته ڦر ته ناهي؟ مون خوش طبعي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سان عرض ڪيو تہ حضرتا! پويون هٿ ڦرجي! پاڻ فرمايائون تہ ڇا ٿو چوين؟ عرض ڪيو تہ ننڊڙائي وقت راند ڪندا هئاسون پوءِ جنهن ڇوڪري کي ماني جو ٽڪر ٻچي پوندو هو ۽ ٻيا کائي ويندا هئا تڏهن ٻيا ڇوڪرا اهو لفظ ڇئي ٽڪر ان کان ڦري ويندا هئا.

پوءِ عرض ڪيو تہ حضرتا! منهنجي گهرواري اولاد لاءِ خدمت سڳوريءَ ۾ عرض گذارڻ واسطي مونکي ڇيو هو پر مون هن وقت تائين عرض نہ ڪيو آهي. جڏهن نياپو پهچائڻ حق آهي تنهن ڪري سندن طرفان خدمت سڳوري ۾ عرض ڪيان ٿو. پاڻ فرمايائون تہ تنهنجي اولاد شال اسان جي اولاد وانگر ٿيندي جو هڪڙي پوک کي پاڻي پياريون ٿا تہ ٻي سکي ٿي وڃي. مون عرض ڪيو تہ حضرتا! توهين ساري جهان جي پوک کي آباد ٿا ڪيو. توهان جي پوک اصل نہ سکندي.

نقل13: پاڻ فرمايائون تہ هيڪر امير المومنين حضرت علي ﷺ کنهن ڪوٽي جي ڇت تي چڙهيا ٻيٺا هئا ۽ هڪ يهودي سان توحيد بابت گفتگو ڪندي فرمايائون تہ الله تبارڪ وتعاليٰ اسان جو سيني ڪمن ۾ نگهبان آهي. يهودي ڇيو تہ جيڪڏهن اوهان جي ڳالهہ سچي آهي تہ انهيءَ ڪوٽي تان هيٺ ٽپو ڏي تہ پوءِ ڏسون تہ تنهنجو خدا تعاليٰ توکي نگاهہ رکي ٿو يا نہ؟ حضرت اميرالمومنين ﷺ فرمايوتہ جيڪڏهن بادشاهہ ٻانهي کي آزمائي تہ اها ڳالهہ نهي ٿي پر ٻانهو بادشاهہ کي آزمائي سا ڳالهہ بلڪل نہ نهندڙ آهي. جي آءٌ الله تعاليٰ جل شانہ کي آزمايان سا ڪمال بي ادبي ٿي پوندي. نعوذبالله تعاليٰ منها! يهودي اها ڳالهہ ٻڌي لاجواب ۽ شرمندو ٿي پيو ۽ وڌيڪ ڪجھ ڪان چپ ٿي ويو.

نقل14: پاڻ فرمايائون تہ ڪو وزير پنهنجي بادشاهہ جي حضور ۾ قديمي دستور موجب اُڀو ٻيٺو هو. اتفاقا سندس ڪوٽ جي ٻيڙي نڪري پئي وزير ان ٻيڙي وجهڻ ۾ مشغول ٿيو تہ ايتري ۾ بادشاهہ ڏانهنس نهاريو ۽ چيائين تہ اي بي ادب اسانجي حضور ۾ ٻيڙين وجهڻ ۾ رڌو پيو آهين؟ آهين تہ لائق قتل جو! پر خدا لڳ معاف ٿا ڪيونءِ انهيءَ تي پاڻ فرمايائون تہ اهڙي طرح طالب کي بہ اڪ ڇنڀ جيترو بہ الله تعاليٰ جل شانہ جي يادگيري، کان غفلت نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن نہ تہ انهيءَ وزير وانگر بادشاهہ حقيقيءَ جي عتاب جي لائق ٿيندو.

يک چشم زدن غافل زان شاه نباشم
ترسم که نگاهے کند آگاه نباشم

يعني :هڪ اڪ جهپڪ جيترو بہ پنهجي بادشاهہ حقيقي کان غافل نہ ٿيندس. ڊجان ٿو تہ متان اوچتي نگاهہ ڪري ۽ مون کي خبر ئي نہ پوي

نقل15: عبدالله فقير ابڙو ٿو نقل ڪري تہ هيڪر پاڻ 'فتوح الغيب' کان نقل پي فرمايائون تہ اي سالڪ! جيڪڏهن توکي دروازي تي ڪٽي بيهارن تہ چائنڻ کان اندر پير وجهڻ جو خيال بہ نہ ڪر ۽ جيڪڏهن اندر وڃي تہ اتي مرتبن جي طلب بلڪل ڇڏي ڏي.

نقل16:هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ڪنهن وقت شينهن، بگهڙ ۽ لومڙ گڏجي شڪار تي نڪتا.هڪ جانگو،ٻيو ڦاڙهو ۽ ٽيون سهو شڪار ڪيائون.شينهن ڏٺو تہ بگهڙ کي البت پاڻ پائڻ ۽ هڻ ٻيو ڏيکارجي. سو ڪلي چيائينس تہ اي بگهڙ! هي شڪار ورهاءِ، بگهڙ پنهنجي ناسمجهي کان شينهن جي ڪِل کي غضب نہ سمجهيو بلڪ صلح ۽ صفائي سمجهي ورهائڻ لڳو. شڪار جا ٽي حصا ڪيائين شينهن چيس تہ شڪار ڪيئن ورهايئي؟ بگهڙ ورندي ڏني تہ تون اسان مان وڏو آهين تنهن ڪري تنهنجي لاءِ شڪار بہ وڏو رکيو اٿم يعني جانگو ۽ آڳ وچڙو آهيان تہ ڦاڙهو بہ وچڙو آهي، سو منهنجي لاءِ، باقي لومڙ بہ ننڍو آهي تہ سهو بہ ننڍڙو ، سو ڪيس ڏنم .شينهن ڳالهہ ٻڌندي ئي ڪاوڙ جي ويو ۽ گروڙ ڪري هڪ چنبو جو هنيائينس تہ ساهہ مٿي ئي هليو ويس ۽ چيائينس تہ اڙي تون آهين ڪير؟ جو اسان جي حضور ۾ شراڪت جو دم هڻي ۽ شڪار ورهائيندين.

وري لومڙ ڏي منهن ڪري چيائينس تہ هي شڪار ورهاءِ. لومڙ حڪم موجب شڪار ورهايو. شينهن پڇيس تہ ڪيئن ورهايئي؟ چيائين تہ سائين جانگو اوهان جي نيرن لاءِ رکيو اٿم ۽ سهو منجهند جي لاءِ غذا فرمائيندو ۽ ڦاڙهو توهانجي رات جي ڪاڌي لاءِ رکيو رهندو. شينهن پڇيس تہ باقي تنهنجو حصو ڪٿي؟ لومڙ عرض ڪيس تہ مون کي اوهان جي محبت ئي کوڙ آهي شينهن پڇيس تہ اهڙو ادب ڪنهن کان سکيئي؟ چيائين تہ توکان ۽ بگهڙ جي ورهائڻ کان سکيم.

اتي پاڻ فرمايائون اڳين نبين سڳورن جون گذريل امتون بگهڙ جي مثال آهن جن کي سندن هڻ ۽ بي ادبي جي سزا الله تبارڪ وتعاليٰ ڏني آهي. ۽ انهن جا احوال هن امت لاءِ جا لومڙ وانگر عاجز ۽ ضعيف آهي فرمايا اٿس تہ جي تنبيہ مان پل تہ هي امت ادب جي تعليم حاصل ڪري ونڃي.

نقل17:خليفو ميان غازي خان ٽالپر نقل ٿو ڪري هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ ڪو شخص ظاهري علم پڙهڻ لاءِ ڪنهن معلم وٽ ويو. جڏهن سندس خدمت ۾ مشرف ٿيو، تڏهن اتي جي ماڻهن کان معلوم ڪيائين تہ ان بزرگ جي اولاد ۽ ٻيا مائٽ مٽ قريب تمام گهٽا آهن هن. دل ۾ خيال ڪيو تہ ايترن شخصن جي ادب جا حق ۽ استادي جا نياز متان مون کان پورا ٿي نہ سگهن تنهن ڪري وٽس سبق ڪونہ پڙهيائين ۽ اتان ڦري ٻئي ڪنهن بزرگ وٽ ظاهري علم وڃي حاصل ڪيائين ۽ تحصيل ڪري ڪامياب سان موٽي ڳوٺ آيو اتفاقا سندس ڳوٺ جي هڪڙي ڪوري جنهن ڳوٺ ۾ هي عالم پهريان پڙهڻ جو ارادو ڪري ويو هو. انهي ڳوٺ مان پنهنجي پٽ لاءِ سگ ورتو اها ڳالهہ انهي عالم ٻڌي تڏهن پنهنجي اهلين کي چيائين تہ جڏهن فلاڻو ڪوري جنهن فلاڻي ڳوٺ ۾ پنهنجي پٽ جي نسبت ڪئي آهي اتان شادي ڪرائي موٽي تڏهن مونکي خبر ٻڌائجو پوءِ جڏهن ڪوري جو پٽ شادي ڪري آيو تڏهن بزرگ کي سندس اهلين ڳالهہ ڪئي بزرگ چيو تہ منهنجي ڪٽ جي پيراندي انهيءَ ڪوري جي گهر کان ڦيرائي ٻئي طرف ڪيو تہ انهيءَ طرف منهنجا پير نہ ٽين سندن اهلين چيو تہ اهو ڪوري تہ اوهان جي شاگردن مان آهي تنهن جو ايڏو ادب ڇوتا رکو؟بزرگ چيو تہ اهو ادب ڪوري لاءِ ڪونہ ٿو

ڪيان بلڪ اهو ادب سندن گهر واري لاءِ آهي ڇو تہ هو انهيءَ ڳوٺ جي ويڙل آهي جنهن ۾ منهنجي ارادي جو استاد رهي ٿو.

اتي پاڻ فرمايائون تہ اصل مقصد ظاهر توڙي باطن ادب کان سواءِ هرگز نہ حاصل ٿي سگهندو. انهيءَتي مثنوي مان هي بيت شاهد آندائون:

از خُدا خواهيم توفيق ادب
بے ادب محروم ماند از لُطف رب

يعني: الله تعاليٰ جل شانه کان ادب جي توفيق گهرون ٿا. ڇو تہ بي ادب ماڻهو خدا تعاليٰ جي لطف کان بي نصيب ٿي وڃي ٿو.

بے ادب تنها نہ خود را داشت بد
بلکہ آتش در همہ آفاق زد

يعني: بي ادب نہ رڳو پاڻ کي بيڙو ڪري ڇڏيو بلڪ ساري جهان ۾ پنهنجي شامت جي باهه هڻي ڇڏيائين.

نقل18: پاڻ فرمايائون تہ مريد کي پنهجي پير جي ڪمن ۾ چون چرا نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ جيڪي سندس مرشد ڪري تنهن کي حق ڄاڻي ۽ حق ڏسي ۽ ويساه رکي پر جيڪي پنهنجي سمجهه ۾ نہ اچيس تہ مرشد تي اعتراض نہ ڪري بلڪ پنهنجي سمجهه جو قصور ڄاڻي ۽ مرشد کي پاڪ سمجهي انهي ڪم کي خدا تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏي.

اي عزيز! انهي هنڌ خواجہ يحيٰ منيري قدس سره کهڙو نہ سهڻو فرمايو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪامل جو قول يا فعل شريعت جي موافق نہ ڏسين تہ مٿس اعتراض بلڪل نہ ڪج. ڇو تہ ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ ڪامل ضرور قرآن شريف جي آيتن مان ڪنهن آيت تي عمل ڪيو هوندو. يا حضرت محمد ﷺ جي حديثن مان ڪا حديث انهيءَ بابت ڏٺي هوندائين. پر جي توکي قرآن شريف جي سمورين آيتن ۽ حديثن سڳورين جو سمورو علم بہ ڪٽي حاصل هجي ۽ انهن ۾ توکي انهيءَ ڪم لاءِ ثابتي نہ ملي تہ اعتراض نہ ڪر. ڇو تہ انهي ڪامل قرآن شريف جي اندرين معنائن مان ڪنهن معنيٰ تہ عمل ڪيو هجي جنهن کي 'بطن القرآن' چئبو اهي ۽ 'بطن القرآن' يعني قرآن شريف جي سيني ڳجهين معنائن جي پروڙ بہ ڪٽي نصيب هجي تہ بہ توکي اعتراض جو حق نہ آهي ڇو تہ هڪ هڪ آيت لاءِ چار فهم ٿيندا آهن. شايد تہ ان بزرگ آيتن جي فهمن مان ڪنهن فهم تي عمل ڪيو هجي تہ بہ تون بهرحال معترض نہ ٿي بلڪ پنهنجي اعتراض کان پشيمان توبہ تائب ٿي.

نقل19: پاڻ فرمايائون تہ هڪڙي ڏينهن حضرت موسيٰ عليہ السلام جي دل ۾ خيال آيو تہ دنيا ۾ هن وقت

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مون جهڙو کوبہ عالم کونہ هوندو. انهيءَ خيال اچڻ شرط هڪڙو الله تعاليٰ جل شانه کان حڪم ٿيس ته اي موسيٰ! بحرين درياءَ ۾ڪ سان وڃ ۾ اتي منهنجي ٻانهن مان هڪڙو ٻانهو اٿئي. انهي کان وڌي علم سڪ. حضرت موسيٰ عليه السلام عرض ڪيو ته اي پروردگار! آءٌ ساڻس ڪٿي ۾ ڪهڙي طرح ملاقاتي ٿي سگهندس؟ مٿان حڪم آيو ته هڪڙي مڇي پڪل پاڻ سان کڻي انهيءَ طرف روانو ٿي پوءِ جتي اها مڇي جيئري ٿي پوي اتي منهنجو اهو ٻانهو ملندءِ .حضرت موسيٰ عليه السلام، الله جل شانه جي حڪم موجب انهيءَ ئي مهل مڇي پڪل سان اوڏانهن روانو ٿيو تان ته هڪڙي هنڌ اها مڇي خدا تعاليٰ جي قدرت سان جيئري ٿي پئي. حضرت موسيٰ عليه السلام ٿورو اڳيرو وڃي موٽيو ته حضرت خضر عليه السلام کي ڏٺائين ۾ اڇي ساڻس ملاقاتي ٿيو. ۾ چيائينس ته مونکي الله تبارڪ وتعاليٰ تو ڏانهن موڪليو آهي ته توکان علم سکان حضرت خضر عليه السلام فرمايو ته اي موسيٰ! تون منهنجي ڪئي تي صبر ئي نہ ڪري سگهندين؟ حضرت موسيٰ عليه السلام جواب ڏنو ته ان شاءَ الله تعاليٰ جيڪي اوهين ڪندا تنهن تي آءٌ صبر ڪندس. نيٺ اتان ٻئي روانا ٿيا تان ته اڇي درياءَ جي پٽڻ تي پهتا ۾ اتان ٻيڙي ته چڙهي درياءَ پار لنگهيا حضرت خضر عليه السلام پٽڻ لنگهڻ وقت ٻيڙي کي سوراخ ڪري وڌو حضرت موسيٰ عليه السلام فرمايو ته اي خضر! هي ٻيڙي ناحق ڇو ٻوڙي وڌءِ؟ حضرت خضر عليه السلام فرمايو ته مون توکي نہ چيو هو ته تون منهنجن ڪمن تي صبر نہ ڪري سگهندين. حضرت موسيٰ عليه السلام عذر ڪيو ۾ معافي گهريائين ته ٻيهر نہ ڪچندس. وري اتان روانا ٿيا ته اڇي هيڪڙي ديهہ ۾ پهتا. اتي ڪن ڇوڪرن ٻينڌي راند ڪئي، حضرت خضر عليه السلام انهن ڇوڪرن مان هڪڙي کي پاسي تي سڏي کهي وڌو. حضرت موسيٰ عليه السلام فرمايو ته اي خضر! هن ويچاري ٻي گناهہ ڇوڪري کي ناحق خون ڪري وڌءِ؟ حضرت خضر عليه السلام فرمايس ته مون توکي نہ چيو هو ته تون منهنجي ڪئي تي صبر نہ ڪري سگهندين؟ حضرت موسيٰ عليه السلام وري معافي گهري ۾ چيائين ته هي ويسر معاف ڪر باقي اڳتي ڪجان ته پوءِ مونکي سنگت ۾ نہ ڪٽجانءِ وري اڳتي روانا ٿيا ۾ هلندي هلندي هڪڙي ڳوٺ ۾ اچي رات پيون ڳوٺ وارن کان کاڌو گهريائون پر ڪنهن نہ ڪونہ ڏنن اها رات اتي بکيا سمهي پياۃصبح جو حضرت خضر عليه السلام اتي هيڪڙي پراٽي ايامن جي ڪا ٻيت هئي تنهن کي ڌاهي وري نئين ٻيت ساڳي بنياد تي ناهي راس ڪري محڪم ڪري ٻيهاريو. حضرت موسيٰ عليه السلام فرمايو ته اي خضر! هن ڳوٺ وارن ماڻهن اسانکي ماني ٻہ نہ کارائي ۾ تون وري سندن ايڏو سارو ڪم بنان مزدوري جي پورو ڪيو آهي. جي انهيءَ جي مزدوري ونڻين ها ته ٻہ هوند ماني ته وٺي کائون ها، حضرت خضر عليه السلام فرمايو ته،

هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَ بَيْنِكَ (الكهف: ٧٨)

ترجمو: يعني هي تنهنجي ۾ سانجي وچ ۾ فراق ۾ سنڌو پئجي ويو.

پاڻ انهيءَ هنڌ فرمايائون ته اهو مثال پير ۾ مريد تي آهي. مريد کي کپي ته سندس مرشد جيڪي ٻہ ڪري تنهن تي اعتراض نہ وٺي، بلڪ ان کي حق جاڻي ۾ سچو ارادو ۾ ويساهہ نہ مٽائي جي نہ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ته هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَ بَيْنِكَ جو خطاب ٻڌڻو پوندس.

بمئے سجادہ رنگین کن گرت پیر مغاں گوید
کہ سالک بے خبر نبود زراہ و رسم منزلہا

يعني: جيڪڏهن مرشد جو امر شراب جي جواز ۾ صادر ٿي پوي ته پوءِ مصلو شراب سان ڳاڙهو ڪري ڇڏ. ڇو ته سالڪ منزلن جي رستن ۽ رسمن کان اڻ واقف نه هوندو ان جو حڪم ضرور درست هوندو مثنوي ۾ ٿو آڻي ته:

چوں خضر در بحر کشتی را شکست
صد درستی در شکستن خضر ہست

يعني: جيڪڏهن درياءَ ۾ حضرت خضر عليه السلام ٻڙي ڀڃي ته سندس انهيءَ ڀڃڻ ۾ سو درستيون هونديون.

ٻئي بزرگ فرمايو آهي:

ہرچہ اوکرد کردۂ حق دان
ہرچہ او گفت راز مطلق دان

يعني: جو ڪجهه مرشد ڪري ته سندس ڪئي کي خدا تعاليٰ جو ڪيو سمجهه جيڪي هو چوي سو الله تعاليٰ جو راز سمجهه.

نقل20: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته ڪو شخص وڏي طاقت وارو هوندو هو. سو ماڻهن جو مال زور ۽ ظلم سان ڦري ڪاهي ويندو هو. ۽ ڪو به مالڪن مان سندس پويان ڪو نه ايندو هو. هڪڙي ڀيري پنهنجي اصلي دستور موجب ماڻهن جو مال هٽي ڪاهي روانو ٿيو .انهيءَ ڀيري سندس ننڍڙو پٽ به ساڻ هوس جڏهن ڳچ پنڌ ڪري آيا تڏهن سندس پٽ پوئتي نهاري چيو ته بابا! هن مال جا مالڪ پويان اچن ٿا پٽس چيس ته بابا! مان ڪيون بي خوف ٿيو هليو اچ مال جا مالڪ هن کان اڳ ڪڏهن نه آيا آهن سو هينئر ڪٿان ايندا؟ ائين چئي اڳتي وڌيا ڳچ پنڌ کان پوءِ وري انهيءَ چوڪري پوئتي نهاري چيو ته بابا! مال جا مالڪ اچن ٿا پٽس چيو ته ابا! ڪوبه وسوسو دل ۾ نه آڻ اسان جي پويان ڪوبه نه ايندو ائين چئي اڳتي پنڌ پيا ڳچ پنڌ کان پوءِ وري به چوڪر پيءُ کي چيو ته مالڪ اچن ٿا. پٽس چيو ته اي پٽ! جيڪڏهن تنهنجي ماءُ انهي سان گڏ اچي ٿي ته پوءِ ايندا هوندا ڇو ته ان مونکي اگهاڙو ڏٺو آهي نه ته پيو ڪوبه نه ايندو مان ڪيون هل.

اي عزيز! سندن انهيءَ فرمودي جو مطلب آهي ته جن انهيءَ شخص جي زال وانگر ڪاملن کي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪماليت وارن وصفن کان اگهاڙو ڏنو اٿن يعني رڳو بشري ظاهري وصفن ۾ کين عام ماڻهو جهڙو ڪري ڏسن ٿا ته انهن کان بي ادبيون ظاهر ٿين ٿيون. جيئن ته ڪافر ۽ منافق حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي حق ۾ چوندا هئا ته ،

مَا لِهٰذَا الرَّسُوْلِ يَاْكُلُ الطَّعَامَ وَ يَمْشِيْ فِي الْاَسْوَاقِ (الفرقان:۷)

ترجمو: ڪافرن چيو ته هن رسول پاڪ کي ڇا ٿيو آهي جو طعام ٿو کائي ۽ گهٽين ۽ بازارين ۾ ٿو گهمي.

باقي جن شخصن اهڙن ڪاملن کي ڏٺي پاڪ عزاسه جي پلائي سان هن ظاهري صورت کان اڳتي سندن حقيقت کي ڏسي ورتو آهي. ته اهي سندن حڪم جا دل و جان سان فرمانبردار ۽ تابع ٿي رهن ٿا.

ڪافران ديدند احمد را بشر
مي ندیدند ازوے شق القمر

يعني: ڪافرن حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ کي عام ماڻهن وانگر بشر ڪري پئي ڏٺو. پر سندن اشاري تي جو چنڊ چيرجي آيو سو ڪونہ پئي ڏٺائون.

زانکہ او گف دید دریا را ندید
زانکہ حالی دید فردا را ندید

يعني: ڇو ته سندن مثال اهڙو آهي، جو جيئن ڪو بيوقوف درياءَ جي ڦيٽ ته ڏسي پيو، باقي درياءُ نہ ڏسي سگهي. يا اڃ کي ڄاڻي ڏسي ۽ سياڻي جو پتو نہ پويس.

نقل21: علي خان تالپر رهندڙ پرڳڻي چاچڪن ديهہ گوني واهہ جي ڪناري جو نقل ٿو ڪري ته پاڻ فرمايائون، ته جيڪڏهن ڪنهن ولي ڪامل جي اولاد پنهنجي والد جي پيرويءَ تي نہ هجي ته بہ ماڻهن کي سندس والد مڪمل جي نظر ڪري ان جي خدمت ۽ ادب بجا آڻڻ گهرجي، ۽ سندس افعالن ۽ اعمالن ڏي نہ نهارڻ ڪپي. جيئن ته پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته،

"اَلصَّالِحُوْنَ لِلّٰهِ وَالطَّالِحُوْنَ لِيْ"

يعني :منهنجي اولاد مان صالح کي الله لڳ عزت ڏيو ۽ بدڪارن کي منهنجي ڪري.

نقل22: پاڻ فرمايائون ته جنهن ڄاڻو مان ڪائجي ۽ پيئجي انهيءَ ڄاڻوءِ هٿ نہ ڏوئجن. مطلب ته جنهن بہ مرشد ڪريم جي صورت شريف واري پيالي مان معرفت ۽ حقيقت جو صاف ۽ دل وٽندڙ شراب پيتو وڃي ۽ جنهن بہ شيخ با ڪمال جي جمال بي مثال واري خونچي مان وحدت جي معرفت ۽ حقيقت وارو طعام کاڌو وڃي ته ان ۾ هٿ نہ ڏوئجن يعني جڏهن بيرنگي جي درياءَ ۾ طالب غرق ٿي رهي ته ان گهڙي جي اشتياق کي جنهن مان مراد مرشد جي صورت آهي وساري نہ ويهي. بلڪ اعتقاد ۽

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فرمانبرداري جو ڏاڳو پنهنجي ساهه واري ڪنڌ تي محڪم ٻڌل رکجي.

نقل23: هيڪر پاڻ فرمايائون ته جيڪو شخص ڪعبة الله شريف ۾ داخل ٿئي ته انکي جاڏي وٽيس تاڏي منهن ڪري نماز پڙهڻ درست آهي، پر شرط آهي ته امام کي پني نه ڏئي، نه ته نماز درست نه ٿيندس. اهڙيءَ طرح سالڪ بہ ،جو حقيقت جي ڪعبي جو حاجي ۽ معرفت جي حرم جو طواف ڪندڙ آهي سو جڏهن وحدت ۽ بيرنگي جي ڪعبي ۾ داخل ٿئي جنهن لاءِ

فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ (البقره: ۱۱۵)

ترجمو: يعني جاڏي منهن ڦيڙائيندو اوڏانهن ئي الله سائين جي ذات پاڪ اوهانکي سامهون آهي.

آيل آهي. تڏهن ڪپيس ته پنهنجي امام يعني مرشد مڪمل کي جو سندس معرفت جي نامتناهي رستن جو رهبر آهي پني نه ڏئي يعني سندس حڪم کان بيفرماني ۽ رابطي مناسبت کان انحراف نه ڪري ۽ پري نه وڃي.

نقل24: جامع ملفوظات رحمة الله عليه نقل ٿو ڪري ته هيڪر مون هيئين فارسي بيت جي مطلب پڇڻ لاءِ سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ته ،

هزار بار بشويم دهن بمشک و گلاب
هنوز نامِ تو گفتن کمال بے ادبی ست

يعني: جيڪڏهن آءٌ هزار ڀيرا بہ ڪٽي پنهنجو وات مشڪ ۽ گلاب سان ڌوئان ته بہ ايان تنهنجو نالو مبارڪ وٺڻ نهايت بي ادبي ڇئبي.

پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته جيڪڏهن ڪو شخص هزار ڀيرا بہ ڪٽي مشڪ ۽ گلاب سان وات صفا ڪري الله تعاليٰ جو اسم شريف زبان تي آڻي پر پنهنجي موهوم هستي سان نالو مبارڪ وٺي ته اها ڪمال بي ادبي آهي. پر جي پنهنجي موهوم هستيءَ کي مٽائي بيخود ٿي الله تبارڪ وتعاليٰ جو نالو وٺي ته هزار ڀيرا مشڪ گلاب سان وات ڌوئڻ کان گهٽو بهتر ۽ ڪمال ادب ٿي پوندو.

جيئن ته ڪنهن بزرگ انهيءَ بابت فرمايو آهي ته:

باخودی کفر بے خودی دیں ست
ہرچہ گفتیم مغز او ایں است

يعني: پنهنجي خودي ۽ سان هجڻ ڪفر آهي. ۽ پنهنجي هستي مٽائي بيخود ٿيڻ دين آهي. جيڪي بہ اسان گفتگو ڪيو تنهنجو مغز ۽ مول متو رڳي اهائي ڳالهہ آهي.

نقل25: هيڪر حقائق اگاهہ خليفو ميان بخش علي رحمة الله عليه درگاه عرش اشتباه تي آيو. ۽ حضور مبارڪ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

۾ عرض ڪيائين تہ حضرتا! مونکي منهنجو پيءُ ڏاڍو جهٽڪي ٿو ۽ چوي ٿو تہ توهان خدا تعاليٰ جي واٽ ۽ دين متين کان ڦريل آهيو. مون چيو مانس تہ اسين حق تي آهيون توڙي ناحق تي ، تنهن ۾ توهان جو ڇا وڃي! اسان انهيءَ رستي کان نہ ڦرنداسون. پاڻ فرمايائونس تہ اي خليفا! حق کي ناحق نہ ڇؤ.

نقل26: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن مريد مرشد جي ظاهري مال ۾ طمع رکندو يا بنا موڪل تصرف ۾ آڻيندو تہ ڪيس مباح آهي، حرام نہ ٿيندو پر اهو شخص باطني علم ۽ معنيٰ کان محروم ۽ بي نصيب رهجي ويندو. نعوذباالله منها.

نقل27: فيروز فقير نظاماڻي نقل ٿو ڪري تہ هيڪر مراد علي فقير ۽ شير خان فقير نظاماڻي رهندڙ سانگهڙ جا، جو اها ناري جي ديهن مان هڪ ديهہ آهي، ٻين نظاماڻي فقيرن جي ريس تي جي عنايتن فقيرن جا مريد هئا ،خليفي صديق فقير عنايتي کي دعوت ڪئي هئائون. پوءِ جڏهن پاڻ لاڙ تشريف فرما ٿيا، تڏهن مراد علي فقير حضور مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! مون سائين جن جي دامن ورتي آهي. پاڻ فرمايائونس تہ تون اسان جو مريد نہ آهين. نڪي اسين تنهنجا مرشد آهيون تون عنايتن جو مريد آهين. جي ڪافرن جي قوم مان آهن. توکي اسان سان ڪابہ مناسبت ڪانهي. هن ڏاڍيون زاريون نيزاريون ڪيون ۽ رنو پر بي سود ۽ اهڙي طرح سفر ۾ خدمت ۾ حاضر پي وتيو. نيٺ جڏهن پاڻ سفر تان درگاهہ مبارڪ تي موٽيا۽ ديهہ چانري واقع پرڳڻي شهداد پور ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن اتي مراد علي فقير ڏاڍي عاجزي ۽ گريو ڪيو. پوءِ پاڻ دلاسو ڏيئي فرمايائونس تہ،

"لَوْلَا الْعِتَابُ لَهَلَكَ الْمَوَدَّةُ"

يعني: ڏوراپو ۽ عتاب نہ هجي تہ هوند دوستي گهر ٿي وڃي.

نقل28: هيڪر پاڻ روهڙي شريف مان ٿي موٽيا هئا ۽ حضرت مخدوم صاحب محمد اسماعيل قدس سره جي زيارت لاءِ پريان لوءِ شريف تشريف فرما ٿيا. پاڻ جيستائين حضرت مخدوم صاحب قدس سره جي روضي منور ۾ آيا تيستائين ٻيا فقير اڳي اچي روضي مطهره ۾ زيارت لاءِ گڏ ٿي وينا.پاڻ جڏهن روضي ۾ اندر لنگهيا تہ اندر اچڻ شرط وڏي ادب ۽ نياز سان جيئن ڪو پاڻ کي بي اختيار ڪٽي زمين تي اڇلائي اهڙي طرح تمام رعب ۽ ادب سان مزار شريف جي پيراندي کان اچي وينا. جامع ملفوظات ٿو چوي تہ آڳ ۾ سندن پويان اچي وينس پاڻ ختمي لاءِ ڪجهہ ۾ نہ پڙهيائون ۽ ٿورڙي مدت صورت بي روح وانگر متوجہ ويهي اتان اٿيا ۽ پوئين پيرين ٻاهر نڪري آيا.

نقل29: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ مريد کي مرشد جي قول ۽ فعل جي تقليد نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ جنهن ڳالهہ بابت مرشد حڪم ڪري انهيءَ تي محڪم ٿيڻ ڪپي. نڪي پنهنجي خيال تي شيخ کان ذڪر فڪر لاءِ سوال ڪري تہ فلاڻو ذڪر يا فلاڻو فڪر مون کي ڏسيو. انهيءَ تي پاڻ هي لفظ فرمايائون تہ جيڪي مُلا ڪن سو نہ ڪجي باقي جيڪي چون تنهن تي محڪم ٿيڻ لازم آهي.

نقل30: هيڪر پاڻ حقائق آگاهہ خليفي ميان الهر ڪئي رحمۃ الله عليه کي دعوت جو سڏ موڪليو هئائون. خليفو

صاحب دعوت جي سڌ موجب پنهنجي ديهه مان هڪ ڏينهن جو پنڌ ڪري هڪڙي ٻيلي وٽ اچي ترسيو. ۽ حضور جن جي خدمت ۾ هڪڙو فقير موڪليائين ته وڃي عرض ڪر ته حضرتا! دعوت عظميٰ جي سڌ موجب ظاهري تعلقات ۽ حواس جون خواهشون بلڪل قطع ڪري هتي اچي وينو آهيان. جيڪڏهن ايتري ۾ دعوت جي اجاجت ٿي وڃي فبها. جي نه ته جيڪي حڪم ٿئي انهيءَ موجب عمل ڪيو وڃي.

نقل31: هيڪر پاڻ حديث شريف کان بيان فرمايائون ته جيڪو شخص الله تبارڪ وتعاليٰ کان ڊڄندو ته ان کان ساري مخلوقات ڊڄندي. ۽ جيڪو الله تبارڪ وتعاليٰ جو ادب نگاهه رکندو ته ڪل مخلوقات سندس ادب ۾ هوندا ۽ جيڪو الله سائين ذوالجلال والاڪرام کي دوست رکندو ته سڃي مخلوقات ان کي دوست رکندي.

اي عزيز! طالب کي گهرجي ته انهن سيني ادب جي حدن کي نگاهه ۾ رکي ته کيس مڙئي ڪماليتون نصيب ٿين. ۽ ظاهري ۽ باطني آفتن کان امن ۽ حفظ ۾ رهي.

از خدا خواهيم توفيق ادب
بے ادب محروم ماند از لطف رب

يعني: الله تعاليٰ ﷻ کان ادب جي توفيق ٿا گهرون چو ته بي ادب الله تعاليٰ ﷻ جي مهرباني کان محروم ٿي وڃي ٿو.

بے ادب تنها نه خود را داشت بد
بلکه آتش درهمه آفاق زد

يعني: بي ادب نه رڳو پاڻ کي بيڙو ڪيو بلڪ پنهنجي شامت جي باهه ساري جهان ۾ هٽي ڇڏيائين.

نقل32: هيڪر حقائق آگاه سيد ميان قابل شاه رحمة الله عليه بيان فرمايو ته ياڇڙ وارن ڏينهن ۾ آئون جوان هوس ۽ ڏاڙهي لهي سئين ٿي هئي ۽ حضرت مرشد معظم قدس سره جي بيعت ارادت کان مشرف نه ٿيو هوس. پوءِ انهيءَ وقت ياڇڙ جي خوف کان درياءَ جي هن پرکان لڏيا پار پئي وياسون. ڪي مينهون به ساڻ ڪاهيون هيوسون، اهي منهنجي حوالي هيون. اتفاقاً انهن مينهن مان هڪڙي مينهن نڪڙجي جهنگل ڏي وڃڻ لڳي. جنهن ڪري ڪاوڙ مان منهنجي واتان گار جو لفظ نڪري ويو. ۽ سوٽيءَ جو ڏڪ به مينهن کي وڃي هنيم. حضرت ميان صاحب قدس سره جو انهيءَ لڏ ۾ موجود هيا، تن گار ٻڌڻ شرط اهڙي خوفناڪ هڪل، گار کان جهلڻ لاءِ ڏنائون جو لڳ ڏڪي ويا ۽ انهيءَ کان پوءِ وري سموري عمر ۾ انهيءَ هڪل جي ٻوڙ کان گار جهڙو حرف منهنجي زبان کان ڪونه نڪتو آهي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل33: هيڪر پاڻ سفر ۾ هڪڙي هنڌ ڪٽولي تي ويٺا هئا ۽ جماعت ۾ حاضر هئي ايتري ۾ هڪڙي شخص پيرين اگهاڙو پراٽن ڦاٽلن ڪپڑن ۾ متي هاٽن عضون سان حضور ۾ آيو. پاڻ انهيءَ شخص جي ڏسڻ شرط اٽي ڪڙا ٽيا ۽ پاڪر پائي ساٽس ملاقي ٽيا ۽ ڪيس پاڻ سان گڏ ڪٽ تي ويهاريائون. ڪنانس ڏاڍي پيچا ڳاڇا ۽ دل جوئي فرمايائون. فقيرن کي ان شخص جو سائين جن سان گڏ ويهڻ ڏاڍو ناپسند ٿيو پر هر ڪوئي ادب جي ڪري ماٺ هو. جڏهن اهو شخص خدمت مان موڪلائي ويو تڏهن پاڻ فرمايائون ته هي شخص حضرت ميان صاحب قدس سره جن جي مريدن مان هو. انهيءَ ڪري ئي اسان سندس ايتري تعظيم تڪريم ڪئي.

نقل34: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حضور ۾ اعرابين جي هڪڙي جماعت آئي. تن سيني کي سندن قدمبوسيءَ جي شوق جي غلبي کان جذب ، وجد ۽ روچ اچي ورتو. مگر انهن مان هڪڙو شخص جو انهيءَ جماعت جو سردار هو،تنهن پهريان ٻہ رڪعتون نفل پڙهي دعا گهري پوءِ اچي قدمبوسيءَ جي شرف کان مشرف ٿيو. پاڻ فرمايائون ته،

"خِيَارُكُمْ فِي الْجَاهِلِيَّةِ خِيَارُكُمْ فِي الْاِسْلَامِ"

يعني: جيڪي اسلام کان اڳ جاهليت ۾ اوهان جا چڱا ۽ پريا مڙس هئا. اسلام ۾ ٻہ اهي اوهان کان وڌيڪ چڱا آهن.

نقل35:جامع ملفوظات رحمة الله عليه نقل ٿو ڪري ته هيڪر محراب جي ڳوٺ جو هڪڙو قاضي مونسان ملاقي ٿيو. اهو قاضي حضرت مخدوم صاحب قدس سره جي مخلص مريدن ۽ ڪٽابين مان هو. تنهن بيان ڪيو ته حضرت مخدوم صاحب جن جي جماعت مان مريد هجي خواهه ڪٽابي ڪنهن کي ٻہ سندن حضور ۾ هيبت ڪري ڏاڍيان ڳالهائڻ جي طاقت ڪانہ هوندي هئي. جنهن هنڌ پاڻ سفر ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا، ته باوجود يڪ جماعت تمام گهٽي هوندي هئي ته ائين پائنبو هو ته گويا هتي ماٺهو ئي ڪونهي سندن هيبت ۽ ادب کان سپ ماٺ ميڙ ۾ رهندا هئا.

نقل36: صاحبزادو والا تبارميان هدايت الله شاهه رحمة الله عليه نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ امين فقير جي جنازي سان، جو سندن مريدن مان هو، گڏجي شيخ طيب رحمة الله عليه جي مقبري ڏانهن اسريا، وات سان اتفاقا هڪ هندو نظر آين جو انهيءَ وات سان پئي آيو. پاڻ ان هندوءَ ڏسڻ شرط گهوڙي تان لهي پيا ۽ هڪ وڻ جي پاڇي ۾ سيني ماٺهن کان گوشو ڪري ۽ ان سان صحبت فرمايائون. صاحبزادو ٿو فرمائي ته هي فقير سندن پرسان ويٺو هو. پاڻ مون سان ڳالهہ فرمايائون ته اي بابا! هي هندوحضرت ميان صاحب جي صحبتين مان آهي. ۽ اهڙو اديب آهي جو جنهن رستي سان حضرت ميان صاحب قدس سره هڪڙو پيرو ٻہ ڪٽي لنگهيا آهن ته هي اتان نہ ايندو آهي. پر جي اتان لنگهندو ته ٻہ رستي جو پاسو وٺي ويندو نہ وچ، هنڪري ته متان سندن پير مبارڪ جو نشان اورانگهجي پوي.

نقل37: پاڻ فرمايائون ته استاد هڪڙو وٺڻ گهرجي ڇو ته استاد جي ادب جا تمام وڏا ۽

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گهٽا حق آهن. جي گهٽا استاد کبا ته سيني جو ادب بجاءِ آٽڻ مشڪل ٿي پوندو ۽ بي ادبي جو نتيجو بي نصيبي آهي. انهيءَ ئي پاران جيتوٽيڪ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ لاءِ ،

فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ(البقره: ۱۱۵)

ترجمو: جيڏانهن منهنج ڪندو ته اوڏانهن ئي الله تعاليٰ جي ذات پاڪ اوهان کي سامهون آهي.

جو حڪم بہ آيل هو. تڏهن بہ سجدي ڏيڻ لاءِ بيت الله شريف جو پاسو مقرر ۽ معين فرمايو ويو. انهيءَ جو سبب بہ اهوئي آهي ته جيڪڏهن سيئي پاسا سجدي ڏيڻ لاءِ مقرر هجن ها ته پوءِ سيني طرفن جي ادب جا حق ڪنهن کان بہ پورا نہ پئجي سگهن ها. باقي هڪڙي طرف جو ادب سولائيءَ سان ادا ڪري سگهجي ٿو. تنهن ڪري هڪڙوئي طرف مقرر ٿيو.

نقل38: پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن ڪو مريد چوي ته آءُ پنهنجي مرشد جي سيني وردن خواهه قولن، فعلن، اٽڻ ويهڻ ۽ پين سيني عام خاص ڪمن ۾ متابعت ڪيان ته اهو سيئي ڪنانس يڪدم نہ ٿي سگهندو. تنهنڪري کپيس ته پنهنجي مرشد جي هڪڙي فعل تي پوري استقامت سان عمل ڪري ته انهيءَ جي برڪت سان ڪيس پورو فيض حاصل ٿي ويندو ۽ پين ڪمن ۾ بہ متابعت حاصل ٿي پوندس.

نقل39: پاڻ فرمائيندا هئا ته هيڪر محمود بادشاهه غزنوي تي ڪن ماڻهن ايياز جي عشق بابت اعتراض ورتو، ته ايياز کي ظاهري خوبصورتي ته ڪجهه بہ ڪانهي، تنهن ڪري بادشاهه جو مٿس عاشق ٿيڻ بيجاءِ آهي. بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي فرمايو ته منهنجو عشق ايياز جي خوب سيرتيءَ آهي نہ خوبصورتي تي. انهيءَ ڳالهه جي سچائي ڏيکارڻ ۽ امتحان لاءِ بادشاهه انهن اعتراض ڪندڙ اميرن ۽ ايياز سميت هڪڙي ڏينهن ڪنهن کوهه ٿي آيو. ۽ سيني کي سامهون ٿي فرمايائون ته اڄ آءُ اوهان کي کوهه ۾ وجهرائيندس. پر جيئن پنهنجا ڪپڑا آلا نہ ڪيو. سيني چيو ته جيئن بادشاهه جي مرضي. بادشاهه هڪ هڪ جا جدا طرح هٿ پير ٻڌرائي کوهه ۾ وجهرائي وري ڇڪي ٻاهر ڪڍرايو. جڏهن کوهه مان پيا نڪرن ته ڪپڑا سندن آلا ٿي پيا هئا. بادشاهه چين ته مون توهان کي چيو هو ته ڪپڑا نہ پسائجو! هي منهنجي حڪم جي برخلاف ڇو ڪيو؟ هنن جواب ڏنو ته سائين! توهان ئي اسان جا هٿ پير ٻڌرائي کوهه ۾ وجهرايو پوءِ اسان جو باقي ڪهڙو اختيار هو جو ڪپڑا پسڻ کان بچائي اچون. ان کان پوءِ وري ايياز کي سڏ ڪيائين ۽ ڪيس مٿين سمجهاڻي ڏيئي پين وانگر کوهه ۾ وجهرايائين. جڏهن اندرئون غوطا کائي نڪتو تڏهن بادشان ڪيس پين کان بہ زيادهه ڪپڑا آلا ڪرڻ بابت عتاب فرمايو. ۽ سختي ڏيکاري.ايياز ويچاري ڏاڍو عذرمعذور ڪيو ۽ پنهنجو گناهه مڃي چيائين ته حضرتا! مون ناقص پانهي کان تقصير ٿي وئي، جنهن لاءِ توهان جي مهرباني‌ءَ ۾ عفو ۽ معافيءَ جي اميد اٿم.

هرچه شه گفت حق آں عين ست
ليک تقصير بنده بے غين ست

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يعني: جيڪي بادشاهه فرمايو سو سڀ عين حق آهي پر مون ٻانهي جي ڪوتاهي بنا شڪ جي آهي.

گناه گرچه نبود اختيار ما حافظ
تو در طريق ادب باش گو گناه من است

يعني: گناهه توڙي ڪٽي اي حافظ! اسانجي اختيار جي ڳالهه نه آهي تہ بہ تون ادب جو رستو هٿان نہ ڇڏ ۽ چؤ تہ گناه منهنجو آهي.

اي عزيز! سندن انهيءَ مقولي مبارڪ مان مقصود آهي تہ پيري ۽ مريديءَ جا آداب پوري طرح بجا آڻڻ ڪپن. پيرڪي گهرجي تہ محمود بادشاه وانگر ٿي پوي ۽ مريد ڪي ڪپي تہ ايياز ٿي رهي. جيئن تہ هو آزمائش جو ڪسوٽيءَ تي خالص ۽ ڪرو نڪتو ۽ ٻيا ڪوٽا ٿي ڇڏيا. اهڙي طرح مريد ڪي بہ پنهنجي مرشد جي ادب واري ڪسوٽي تي ڪرو ٿيڻ گهرجي.

نقل40: خليفہ ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر سراسر نور ۾ هڪڙي طرف کان زالون زيارت لاءِ حاضر اچي ٻينيون هيون. ٻي طرف کان فقيرن جي جماعت ٻيٺل هئي. پوءِ ڪنهن شخص خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! هيڏانهن (زالن ڏانهن) مهرباني‌ءَ جي نظر سان نهاريو. تہ زيارت کان مشرف ٿين. پاڻ جواب ڏنائون تہ انهن کي چؤ تہ موڏانهن نهارن ۽ آءُ الله تعاليٰ جل شانہ ڏانهن نهاريان ٿو.

اي عزيز! سندن انهي فرمودي تي بزرگ زمانہ عارف يگانہ شيخ برڪيي رحمۃ اللہ علیہ جو مقولو بہ شاهد آهي: جو روايت آهي، تہ هيڪر شيخ صاحب جن رحمۃ اللہ علیہ هڪڙي درياءَ تان لنگهيا پي ويا ۽ هڪڙو مريد سندن پوئتان پئي آيو. جڏهن درياءَ ۾ گهڙيا تڏهن مريد کي فرمايائون تہ منهنجي پوئتان 'برڪيہ' چوندو اچ! پاڻ بزرگ 'الله' 'الله' جل شانہ چوندو هليو پئي ويو. جڏهن درياءَ جي سير ۾ پهتا، تڏهن مريد کي دل ۾ وهم آيو تہ منهنجو مرشد 'الله' 'الله' جل شانہ چوندو ٿو وڃي. چو تہ جيڪر آءُ بہ الله جل شانہ چوندو هلان. اهو خيال ڪري اجان اسر شريف الله چيائين تہ ٻڏڻ لڳو. شيخ ڪيس پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي فرمايس تہ اجا برڪئي کي بہ ڪونہ پهتو آهين؟ پوءِ اڳهين الله پاڪ جو نالو ڪڃاڙو ٿو وٺين؟

نقل41: حضرت پير سائين پڳ ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي والد معظم مسند نشين اول کان روايت فرمايائون تہ هيڪر اسانجي حويلي ۾ اندر ڪجهہ ناچاڪائي هئي. تنهن ڪري پاڻ پڇڻ جي لاءِ اندر تشريف فرما ٿيا. ۽ ات گهڙي کن ويهي اٿيا. تڏهن اسان سندن جتي مبارڪ چنڊي پيرن مبارڪن اڳيان اچي حاضر ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ اي بابا! تون اسان جي جتي نہ ٺاهہ. مون عرض ڪيو تہ حضرتا! سائين جن منهنجا مرشد مڪرم ۽ والد معظم آهن. اوهان جي جتي ٺاهڻ مون لاءِ ٻنهي جهانن جي سعادت آهي. پوءِ چو نہ آءُ جتي ٺاهيان؟ پاڻ فرمايائون تہ اها ڳالهہ تحقيق حق آهي. پر اسانکي بہ تہ ادب ڪرڻو آهي، چو تہ اوهان حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن جي اولاد مان آهيو. جي وري اسان جا والد ۽ مرشد معظم آهن.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل42: محمد ذاکر رهندڙ ٽنڊي قيصر نظاماڻي جو نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ رمضان شريف جي پوئين ڏهي ۾ اعتڪاف ۾ وينا هئا. ۽ سائين جن جي لنگهہ تي خليفو ميان حسن شاهہ بہ ڏهاڪي ۾ وينل هو. ۽ هڪڙو وڏو ڏگهو ڪانو ڪبوترن جي تڙڻ لاءِ جن جو اتي آکيرو هو. پاڻ وٽ رکي ڇڏيو هئائين. پاڻ اتان اچي لنگهيا ۽ خليفي کان پڇيائون تہ هي ڪانو ڇالاءِ رکيو اٿئي؟ ظاهر ڪيائين تہ ڪبوترن جي تڙڻ لاءِ پاڻ جوش سان فرمايائونس تہ هي ڪبوتر توکان اڳ وينا آهن ڪ تون اڳ اچي وينو آهين؟ هوش رک! ائين نہ ڪرا اهو جواب ٻڌي خليفي کاني کي پيچي ڏٺو ڪيو.

نقل43: پاڻ بيان فرمايائون تہ حضرت اميرالمؤمنين علي ﷺ والده معظمہ جي وفات مهل ڏاڍو روئڻ لڳا. تڏهن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم چيس تہ حضرتا! توهانکي الله تبارک و تعاليٰ اهڙي تہ قوت ۽ شجاعت عطا فرمائي آهي جو جيڪر هڪ نعري هيبتي سان ڪفارن جا ڪوٽ پاڙون پٽي اڇلايو. پوءِ اهڙي طاقت هوندي اڄ اوهان کي ڇا ٿيو آهي. جو ايترو گريو ٿا ڪريو؟ جواب ڏنائون تہ والده جي حياتي هڪ اهڙي وڏي نعمت ۽ بي مثل عطاءَ الهي هئي ، جنهن جهڙي نعمت ساري زمين تي ڪابہ نہ ٿي سگهندي. جيئن تہ سندن قبول پيل دعا ۽ سندن بي ڪنار شفقت مادريءَ جو درياءُ ۽ سندن حضور جي حاضري جا گوهر بي بها مفت ۾ حاصل هيم. جن جو پورو قدر ئي نہ پي ڪري سگهياسون. هينئر اهي نعمتون هٿان ويون انهي ڪري گريو ٿا ڪيون.

نقل44: بچو فقير درگاهي نقل ٿو ڪري تہ فقير واحد ڏنو جنهن جي حوالي ٻني جو ڪم رهندو هو. جڏهن وفات ڪري ويو تڏهن پاڻ ٻني جي ڪم ڪار جي خدمت هن ٻانهي تي رکيائون. مون اها ڳالهہ حضرت پير سائين مسند نشين اول قدس سره جي خطدمت ۾ عرض ڪئي تہ حضرتا! جناب مرشد ڪريم جن مونکي هن ڪم تي مقرر ٿا ڪن. ۽ مون کي نڪو علم نڪو حوصلو. پوءِ انهي خدمت جي بجا آوري مونکان ڪهڙي طرح ٿي سگهندي؟ جواب ۾ فرمايائون تہ مرشد کان مريد کي جنهن بہ خدمت جي مقرري ٿي ملي پوءِ اوهان خدمت ظاهري هجي ٿوڙي باطني هجي تہ ضرور اها خدمت سندس حق ۾ ظاهري ۽ باطني فيوضات جو سرچشمو ثابت ٿيندي.

نقل45: خليفو ميان لقمان رحمۃ الله عليہ نقل ٿو ڪري تہ حضرت پير سائين مسند نشين اول قدس سره فرمايو تہ اسان جي سوٽ ميان محمد امام شاهہ تي سرڪاري محصول جا ڪي پئسا رهيل هئا ، جنهن جي ادا ڪرڻ لاءِ نواب ولي محمد لغاري، ميان محمد امام شاهہ کي پاڻ وٽ جهلي ڇڏيو هو. جڏهن اسان کي اها خبر پئي تڏهن کيس ڇڏائڻ لاءِ نواب وٽ چڙهي وياسون. پر نواب جواب ڏنو تہ سائين جن جي پاس خاطري ڪري اڳي بہ ايئن ڪيترا سرڪاري پئسا غير وصول رهيا آهن، تنهن ڪري هينئر پئسن وصول ڪرڻ ڪانسواءِ بلڪل نہ ڇڏيندس. اسان گهٽو ئي انهيءَ بابت ساڻس گفتگو ڪيو پر هن نہ مڃيو. نيٺ انهن پئسن جي ضمانت پاڻ تي ڪئي سين ۽ پئسن بابت دستاويز لکي ڏيئي ميان محمد امام شاهہ کي ڇڏائي آياسون ۽ اها سموري ڳالهہ مرشدن ڪريمن جي خدمت اقدس ۾ اچي عرض ڪيم. پاڻ اسان جي

ضامن گيري کان البت گران خاطر ٿيا ۽ فرمايائون ته نواب زورآور ماڻهو آهي، پئسا ضرور وصول ڪندو پوءِ اوهين ڪٿان پري ڏيندؤ؟ سندن جواب ۾ عاجزي ۽ نياز سان عرض ڪيوسون ته حضرتا! توڙي پئسا بلڪل گهٽا آهن ۽ انهن جو ادا ڪرڻ اسان کان محال آهي ، پر تڏهن به منهنجي دل نه گهريو ته حضرت ميان صاحب قدس سرہ جي اولاد پئسن جي لاءِ حاڪمن جي قيد ۾ پئي هجي. انهي دل جي گراني ڪري اسان ضامن بڻجي آيا آهيون. پاڻ انهي ڳالهه ٻڌڻ شرط ڏاڍو خوش ۽ فرحتناڪ ٿي اسان جي حق ۾ خير جي دعا فرمايائون ته ان شاءَ الله ، مالڪ سائين عز اسمه پاڻهي اهي پئسا اوهان جا ادا ڪرائي ڇڏيندو.

نقل46: هيڪر پاڻ ادب بابت تفسير حسيني کان نقل فرمايائون ته هيڪرحضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن جمعي جي ڏينهن خطبو پئي پڙهايائون ته ايتري ۾ دحيه ڪلبي رضی اللہ عنہ جو قافلو شام ملڪ ۾ سوداگري لاءِ ويل هو، جو ان وغيره جو وڏو وٽج ڪري خير سان موٽي اچي نڪتو. قافلي وارن جو اڳ دستور هوندو هو ته جڏهن قافلو خير سلامتيءَ سان موٽي ايندو هو، تڏهن خوشيءَ جي نوبت ڪڍي ڪندا هئا. مديني شريف ۾ ان وقت ذڪر ۽ طعام جي تنگي هئي. تنهن ڪري جيئن دحيه ڪلبي رضی اللہ عنہ جي قافلي وارن نوبت وڄائي ته سڀ ماڻهو وٺي قافلي ڏانهن ڀڳا ۽ حضرت سيد المرسلين ﷺ جو حضور ڦٽو ڪري طعام وغيره ونڊ لاءِ قافلي ڏانهن هليا ويا. ساري جماعت مان باقي چوڏهن ڇڏا حضور مبارڪ ۾ حاضر رهيا، جن مان چار خلفاءِ راشدين به هئا. حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ فرمايو ته جي سڀ ماڻهو هڪ ٻئي پٺيان هليا وڃن ها ۽ هتڙي مسجد شريف ۾ هڪ ماڻهو به ڪو نه رهي ها ته جيڪر انهن ماڻهن ڏي هن وادي‌ءَ مان باهه نڪري اٿي هلي ها. انهي تي هي آيت شريف الله تعالىٰ جل شانه جي طرفان نازل ٿي ته، ''وَ اِذَا رَاَوْا تِجَارَةً ''جڏهن ڏسن ٿا سوداگريءَ کي يعني سوداگري جي قافلي کي" اَوْ لَهْوَا "يا ٻڌن ٿا آواز نوبت جو، جو قافلي جي پهچڻ تي وڄائيندا آهن." اِنْفَضُّوْٓا ''ته ڪنڀري وڃن ٿا، مجلس کان ۽ وڃن ٿا اِلَيْهَا انهي سوداگري ڏي ته هڪ ٻئي کان طعام ونڊ ۾ اڳرائي ڪن." وَ تَرَكُوْكَ قَآىِٕمًا ''۽ تو کي منبر تي ٻينو ڇڏي وڃن ٿا''قُلْ مَا عِنْدَ اللّٰهِ ''فرماءِ اي پيغمبر ڪريم! ﷺ ته جيڪي الله تعالىٰ وٽ آهي (نماز جي ثواب ۽ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي مجلس ۽ خطبي جي ٻڌن مان)" خَيْرٌ مِّنَ اللَّهْوِ ''سو پلو زور ۽ وڏي فائدي وارو آهي. لهو جي ٻڌڻ کان" وَ مِنَ التِّجَارَةِ'' ۽ سوداگريءَ جي نفع کان ڇو ته ثوابن جو فائدو يقيني آهي ۽ معاملاتي ڪمن جو فائدو وهمي آهي ٿئي يا نه ٿئي. "وَاللّٰهُ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ "(الجمعه: ۱۱) ۽ الله تعالىٰ جل شانه پلو روزي پهچائيندڙ آهي.

نقل47: مريد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون درگاهه مبارڪ تي ويو هوس، پاڻ مون کي ڏسي فرمايائون ته اي ادا! شينهن آهي حيوان، پر جڏهن ڪنهن اولياءَ الله جي زيارت لاءِ ايندو آهي ته

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

واٽ ۾ ڪنهن کي نہ ايذائيندوءِ نہ ستائيندو آهي، پوءِ جڏهن زيارت ڪري موٽي ويندو آهي، تڏهن جيڪي وٽندو اٿس، سو ڪندو آهي. توهان مريدن کي بہ ڪپي تہ انهي شينهن وانگر ادب ۾ هجو، ڪنهن بہ جاندار کي نہ ايذايو ۽ جيتري مدت بہ حضور ۾ رهو تہ ادب سان رهو ۽ ڪنهن کي بہ نہ ستايو.

نقل48: خليفو ميان اميد علي، محمد خان فقير نظاماڻي کان نقل ڪيو تہ هيڪر سندن پيرن مبارڪن ۾ سور هو، پاڻ فقيرن جي جماعت کي فرمايائون تہ توهان مان هڪڙو ڇٽو اٿي، اسان جي پيرن تي لتون ڏئي، پر ڪنهن بہ فقير ادب جي لحاظ کان حڪم بجا نہ آندو، محمد خان فقير چيو تہ مون 'الامرفوق الادب' تي عمل ڪري اٿي پيرن مبارڪن تي لتون ڏنيون، انهي تي فقيرن مون تي ڪاوڙون ستيون ۽ جوش ڪيائون. پاڻ انهيءَ ڳالهہ کان واقف ٿيا ۽ فرمايائون تہ فقيرن جي سمجهہ تي ڏاڍو عجب ٿو لڳي! جو اسان جي زبان تي لتون ڏيڻ تہ ڪين وٽن ٿيون، جنهن جو مقصد آهي حڪم جي مخالفت، باقي ضرورت جي وقت اسان جي پيرن تي لتون ڏيڻ ڪين نہ ٿو وٽي، جنهن اسان جي حڪم موجب لتون ڏنيون آهن، تنهن عين ادب جي بجا آوري ڪئي، هي بي سمجهہ وري انهيءَ کي ٿا چون تہ تو بي ادبي ڪئي؟

نقل49: خليفو ميان اميد علي ٿو نقل ڪري تہ هيڪر جهان خان ٽالپر رهندڙ ولاسن جو مثنوي شريف جو نئون نسخو خريد ڪري آيو هو ۽ برڪت لاءِ سندس حضور ۾ سبق ونڻ لاءِ عرض ڪيائين، پاڻ ڪيس فرمايائون تہ جيڪو شخص دل جي حضور ۽ ظاهري پاڪائي سان مثنوي شريف جو مطالعو ڪندو تہ الله تبارڪ و تعالىٰ ان کي حقيقت وارين رمزن جي ڪاڻ مان بي بهره نہ ڇڏيندو.

نقل50: جامع ملفوظات شريف ﷺ لکي ٿو تہ سجدي تلاوت القرآن جي آداب بابت سندن هي طريقو هوندو هو تہ قرآن شريف پڙهندي سجدي جي آيت شريف ايندي هئي تہ پاڻ قرآن شريف ٻيهي ٻيهي پوءِ سجدي ۾ ويندا هئا ۽ سجدي کانپوءِ بہ وري اٿي بيهندا هئا، پوءِ ويهي تلاوت ۾ مشغول ٿيندا هئا، اي عزيز! سندس پهريون اٿڻ اداءِ سجدي لاءِ هوندو هو ۽ پويون اٿڻ قرآن مجيد جي ادب لاءِ.

نقل51: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو تہ هيڪر درگاهہ مبارڪ تي حاويلي مبارڪ ۾ بين فقيرن سان گڏ متيءَ جي ڪم ڪار ۾ مشغول هوس، سموري جماعت حاويلي مبارڪ جي ادب کان پيرين اگهاڙي ڪم پئي ڪيائون. ڪم ڪندي عبدالله فقير رند ٽاڪرو ٻڪري جي ڇيلڙي کي جو اتي پي گهميو ونڊي چمي ڏني، پاڻ ڏسڻ شرط فرمايائونس تہ اسان جي موڪل ڪانسواءِ هن کي ڇو چمي ڏنئي؟ هن عرض ڪيو تہ حضرتا! هي ڇيلڙو سائين جن جي ملڪيت هو، تنهن ڪري دل جي قرب ڪري ڪيس چمي ڏنم، پاڻ فرمايائون تہ اهو ڪم تو بنا موڪل ڪيو آهي، هينئر اهو ڇيلو پاڻهي تو کان حساب ونڊي ڇڏيندو، پوءِ پاڻ سمجهاڻي ۽ نصيحت جي واٽ سان فرمايائون تہ پنهنجي پٽ کي ڳلن تي چمي ڏيڻ گهرجي ۽ پنهنجي زال کي چپن تي، عبدالله فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! چپن کان ڳل وڌيڪ آهن، پاڻ سندس چوڻ تي مرڪيا ۽ ايتري ۾ اهو ڇيلڙو جيئن عبدالله فقير پير اگهاڙو ڪيو ٻيئو هو،

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تيئن اچي پير جي مٿان لت ڏنائينس، جنهن کري پير چيرجي پيس ۽ اتان رت وهڻ لڳس، پاڻ فرمايائون تہ اهو چمي ڏيڻ جو ويو، تو کان ڏس تہ پاٿهي وٺي ڇڏيائين نہ!

اي عزيز !حضورقدس سرہ جن جو فقير کي خوش طبعي طرح فرمايائون تہ اهو ڇيلو تو کان ويو وٺي ڇڏيندو، سا خوش طبعي نہ هئي، بلڪ اهو واقعو سندن روشن دل جي مٿان ظاهر ٿيل هو، تنهن کي خوش طبعي جي نموني سان بيان فرمايائون.

نقل52: پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن کنهن ماٹهو کان ماءُ پيءُ جا حق ادا نہ ٿي سگهيا هجن ۽ سندس والدين وفات کري ويا هجن تہ کپيس تہ ڏهاڙي سندن مقبري تي وڃي زيارت کري ۽ کين ختمو ڏئي تہ الله تعالىٰ جلشانہ ان جي ماءُ پيءُ کان سندن سيئي حق بخشرائي ڏيندس.

نقل53: صديق فقير نقل کري ٿو تہ هيکر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ کو شخص کنهن بزرگ جو مريد هو، هيکر شينهن منهن پئجي ويس، تنهن مٿس حملو کيو تہ کانوانس، فقير ويچاري دانهن کري چيس تہ اي شينهن! هينئر مون کي ڇڏ تہ آئون پنهنجي مرشد جي زيارت لاءِ وڃي رهيو آهيان، جڏهن اوڏانهن زيارت کري موٹندس، تڏهن وري ساڳيو هن وات سان تو وٽ ايندس، پوءِ جيکا تنهنجي مرضي هجي سان کجانءِ، انهي ڳالهہ ٻڌڻ شرط شينهن وات ڇڏي پاسي ٿي ويو ۽ اهو فقير وڃي پنهنجي مرشد جي زيارت کان مشرف ٿيو، جڏهن پنهنجي پير کان موکلائي موٹڻ لڳو، تڏهن دل ۾ خيال آيس تہ هي مرشد کان پوئين موکلاٹي آهي، وري زيارت کان مشرف نہ ٿي سگهندس، اهو خيال سندس مرشد کي مکاشفي سان معلوم ٿي ويو ۽ فرمايائينس تہ ان شاءَ الله تعالىٰ تون جلد اسان سان ملاقاتي ٿيندين، پوءِ اهو مريد اتان روانو ٿيو ۽ سڏو انهيءَ شينهن واري جاءِ تي آيو ۽ سندس آڏو بيهي چيائينس تہ اي شينهن! هينئر مون کي کائڻو هجئي تہ اچي کاءُ، چو تہ آئون تو سان واعدو کري ويو هوس، شينهن چيس تہ اي فقير! انجام پاڙڻ جي اهڙي دليري پاٹئون ٿو کرين يا پنهنجي مرشد کان سکي اٹئي؟ فقير چيو تہ مرشد کان سکي اٹم، شينهن چيس تہ مون کي بہ پلا پنهنجي مرشد جي زيارت کان مشرف کر، چيائين تہ هائو، ائين چئي ٻئي ڇٹا بزرگ جي ڳوٹ ڏانهن روانا ٿيا، بہ ٿي وکون اڳتي هلي شينهن چيس تہ اي فقير! منهنجي هٹ ۾ کوئي ڏاڳو وجهي وٺي هل، هن فقير پنهنجي رليءَ مان ڏاڳو کڍي سندس هٹ ۾ ٻڌو ۽ اڳتي وٺي هليس، جڏهن شهر جي ويجهو آيا، تڏهن شينهن چيس تہ مون کي هتي ڇڏ ۽ تون پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ وڃ ۽ کيس منهنجو احوال وڃي ڏي، چو تہ جيڪڏهن آئون تو سان گڏجي شهر ۾ هلندس تہ ڳوٹ جا ماٹهو منهنجي ڈسٹ سان وٺي شور مچائيندا ۽ ساري شهر ۾ ٹرٹلو مچي ويندو،سا بي ادبي ٿي پوندي. فقير اها ڳالهہ ٻڌي شينهن کي اتي ڇڏي پنهنجي مرشد مکمل جي خدمت ۾ سهڙيو ۽ شينهن جو سمورو احوال عرض کيائين، پير کيس چيو تہ وڃي ان شينهن کي هتي وٺي اچ، فقير موٹي شينهن وٽ آيو ۽ اچي ڈسي تہ شهر جا کتا شينهن کي چوڌاري وکوڙي ويا آهن ۽ کيس بينا پونکن، بلڪ کن کتن تہ کيس چڪ بہ پاتا هئا، جنهن کري

سکندريه پبليکشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

رت پئي اڙهس، فقير جڏهن کيس اهڙي حالت ۾ ڪتن جي هٿ گرفتار ڏنائين، تڏهن چيائينس ته اي شينهن! تنهنجي هيڏي ساري پهلواني ۽ طاقت کي ڇا ٿي ويو؟ جو هي بي همت ڪتا تو کي پيا ٽا پٽن ڪائن، رڳو پنهنجي بت کي ڪٽي چنڊيدين ته به هوند هي ڪتا يڪدم پڄي وڃن ۽ تنهن جي ويجهو هڪ به ڪو نه وڃي. شينهن چيس ته تنهنجي ڳالهه سچي آهي، پر اهڙي بي ادبي مون کان ڪا نه پڄندي جو تنهنجو ڏاڪو منهنجي ٻانهن ۾ پيو هجي ۽ آئون تنهنجي مرشد جي ڳوٺ جي ڪتن جي بي ادبي ڪيان.!

نقل54: هيڪر پاڻ سانجهي نماز ڪانپوءِ ذڪر جي شغل مهل فقيرن کي فرمايائون ته اي يارو! الله تعالىٰ جل شانه جو ذڪر دل جي حضور ۽ ادب ساڻ ڪرڻ گهرجي، ڏسو ته جيڪڏهن ڪو مير سهراب يا مير غلام علي جي متوسلن مان کين ڳالهه ٻولهه ۾ ياد ڪندو آهي ته به ادب کان چٽو نالو نه وٺندو آهي. بلڪ مير صاحب ڪري چوندو آهي، حالانڪ هو اهل دنيا جا آهن ته به ادب سان نالو ٽا وٺن، پوءِ توهان پنهنجي خالق مالڪ عزا سمه سان مشغول آهيو، گهرجي ته ادب جي وات نگاهه ۾ رکو ۽ قلب جي حضور سان ذڪر ۾ مشغول ٿيو، جيئن ڪنهن بزرگ فرمايو آهي ته:

بر زباں تسبیح در دل گاؤخر
ایں چنیں تسبیح کے دارد اثر

يعني: زبان سان پئي تسبيح پڙهجي ۽ دل ۾ ڏاندن گڏهن جا خيال هجن ته پوءِ اهڙي تسبيح ڪٿي اثر ڪندي؟

نقل55: حضرت پير سائين مسند نشين اول قدس سره نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ رات جو حضرت ميان صاحب قدس سره جي ڪڍ حاويلي مبارڪ ۾ اندر تشريف فرما پئي ٿيا، جڏهن دروازي وٽ آيا، تڏهن حضرت ميان صاحب قدس سره جن فرمائين ته ابا! توهين اتي بيهو! ائين چئي اندر حاولي ۾ اسرياءِ پاڻ مرشد جي امر جي ادب کان سياري جي ساري رات، هن خيال سان اتي در تي بينا رهيا ته جيڪڏهن وجون يا پوئتي موٽي وجون يا اتي ويهون ته بهرحال نافرماني ٿي پوندي، تنهن ڪري ساري رات سرديءَ ۾ اتي ئي بيني گذاري ڇڏيائون!صبح جي وقت جڏهن حضرت ميان صاحب قدس سره جن باهر تشريف فرما ٿيا، تڏهن کين اتي بينل ڏسي حال پڇيائين، پاڻ جواب ڏنائون ته حضرتا! راتاڪون ادب کان اتي بينو آهيان ته متان حڪم عالي جي بي فرماني ٿي پوي!حضرت ميان صاحب قدس سره جن انهي ڪري ڏاڍا خوش ۽ رضامند ٿيا ۽ کين پاڪرپائي انعام ۽ اڪرام باطني مرحمت فرمايائون. پاڻ انهيءَ وقت ڪمال ذوق ۽ شوق کان فرمائيندا هئا ته جيڪي انهي رات فقيرکي مرحمت ۽ عطا فرمايائون، سا ساري عمر لاءِ غنيمت هئي، بلڪ اهڙي عطا نه اکين ڏٺي نه ڪنن ٻڌي.

نقل56: خليفو ميان لقمان رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته پاڻ فرمايائون ته هيڪر هڪڙوشخص حضرت ميان صاحب قدس سره جن جي حضور ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! جيڪڏهن محبوب پيو نچي ته پوءِ ان

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جي ڏسڻ سان لذتون ۽ حظ حاصل ڪرڻ درست آهن يا نه؟ پاڻ ڦوري ديرمان ڪري پوءِ اهڙوتہ جواب شافيءِ ڪلام ڪافي فرمايائون، جنهن سان نہ وحدانيت جي حد ٽپجي ۽ نڪي شريعت جي حڪم کان ٻاهر نڪرڻو پيو، فرمايائينس تہ عاشق کي لازم آهي تہ هر حال ۾ پنهنجي محبوب جو رضا طلب رهي، پوءِ جيڪڏهن نچڻ واري حالت ۾محبوب کان ڏسڻ جي موڪل نہ ملي تہ ڏسندڙ محبوب جو بي فرمان ۽ عاصي ٿي پوندو، اهو جواب ٻڌي سائل شرمسار ۽ لاجواب ٿي ويو.پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن سائل کي ڏسڻ جي موڪل ڏين ها تہ شريعت جو حڪم ٽپجي پوي ها ۽ جيڪڏهن جهل ڪن ها تہ وحدانيت ۾ نقصان ٿي پوي ها،تنهن ڪري محبوب جي اجازت تي موقوف ڪيائون تہ سيئي اعتراض لهي ويا.

نقل57: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايائون تہ لقمان حڪيم کان پڇيائون تہ تو ادب ڪنهن کان سکيو؟ لقمان سڳوري جواب ڏنو تہ بي ادبن کان، سو ڪيئن تہ جيڪي سندن ڪم منهنجي نظر ۾خراب لڳندا هئا سي سمجهندو هوس تہ سيني کي نہ ٽڪا وٽن ۽ پوءِ انهن ڪمن کان اعراض (پاسو) ڪندو ويس تہ ادب وارو ٿي ويس.

نقل 58: صاحبزادو والا تبار ميان احمد شاهہ رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ ننڍپڻ ۾ سيئي صاحبزاده حضرت مرشد مربي قدس سرہ اللہ کي پير سائين ڪري سڏيندا هئا ۽ آئون بابا ڪري سڏيندو هوس، پوءِ هيڪر پاڻ حاويلي شريف ۾ هئا ۽ آئون ٻاهر در تي اچي بينس،سڏ ڪيم تہ بابا! در کوليو، تنهن تي صاحبن سڳورن فرمايو تہ پٽ ادب ڪر.

حضرت پير سائين جن کي بابا نہ چئو! پير سائين ڪري سڏيندو ڪر.پاڻ فرمايائون تہ صاحبزادي کي نہ جهليو، ڇوتہ مون کي پٽن مان ٻي ڪنهن بہ بابا ڪري نہ سڏيو آهي ۽ اسان کي انهيءَ لفظ جي سڪ هئي.

نقل59: پاڻ فرمايائون تہ حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت پيغمبر ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جي زماني ۾ منافق جي سڃاڻڻ جي هيءَ وڏي نشاني هوندي هئي تہ سندن حضور پر نور ۾ جيڪو ڏاڍيان گهٽيون ڳالهيون ۽ بيهودا گفتا ۽ بي سود بڪواسون ڪندو هو، اهو منافق ليکيو ويندو هو ۽ پوءِ پاڻ ميرڻ فقير ٽالپر جي تعريف توصيف ۾ڪي لفظ مبارڪ فرمايائون .

اي عزيز! انهيءَ فقير جي هميشہ عادت هوندي هئي تہ حضورمبارڪ ۾پري اچي ويهندو هو ۽ ڪجهہ بہ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪندو هو، گويا ذرڙي وانگر پاڻ کي حقيقت جي سج آڏو محو ۽ ناچيز ڪري سمجهندو هو.

نقل60: سندن روشن مبارڪ هوندي هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن موقعي تي رستو مسجد شريف مان ويجهو هوندو هو ۽ ٻئي پاسي کان وڪڙ ڪري رستو پري هوندو تہ مسجد شريف جي ادب کان پراهين رستي سان وڪڙ ڪاٽي ويندا هئا، باقي مسجد شريف مان نہ ويندا هئا.

نقل61: خليفو لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ رستي سان سوار ٿي پي اسريا، آئون ۽ ميان قابل

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

شاھ ٻئي ٿوري وڃوتي سان حضور جن جي پويان پئي ويا سون تہ رستي سان ڪي واٽھڙو ماڻھو ملیا، تن فقیرن کان پڇیو تہ ھي ڪھڙو پیر آھي؟ ۽ نالو ڇا اٿس؟ تڏھن ڪنھن بہ فقیر ادب جي پاران کین جواب ڪو نہ ڏنو، نیٹ میان قابل شاھ تمام ادب سان سندن نالو مبارک کین ڏسیو ۽ جواب ڏنو، پوءِ جڏھن منزل تي اچي حضور مبارک ۾ پھتاسون، اتي میان قابل شاھ انھن واٽھڙن جي نالي پڇڻ، فقیرن جي جواب نہ ڏیڻ ۽ پنھنجي ڏسڻ بابت سموري حقیقت خدمت عالي ۾بیان ڪري ٻڌائي، پاڻ فرمایائون تہ چگو ڪیئي، چو تہ بي ڪي گمراھيءَ ۾ نہ وڃھجي ۽ نالو ادب سان ڳنھڻ درست آھي.

نقل62: عبدالله فقیر ابڙو نقل ڪري ٿو تہ پاڻ فرمایائون تہ جیڪڏھن ڪو غیر واقف مرشد جو نالو پڇي تہ ادب ۽ تعظیم سان نالو ونڻ بي ادبي نہ چئبي، بلڪ اھو بہ ادب سمجھبو، چو تہ جیڪڏھن پاڻ نالو نہ ونندو تہ پیو ڪو بیگانو ماڻھو بي ادبي سان نالو ڏسیندو تہ پوءِ چوندڙ توڙي ٻڌندڙ ٻئي بي ادبي جي دڙڪي ھیٺ اچي ویندا،پر جي مرید مرشد جو نالو ونندو تہ سیئي بي ادبي کان محفوظ رھندا.

نقل63: ڪرم فقیر ساند وینل مھائین جو نقل ڪري ٿو تہ ھیڪر مون سندن حضور مبارک ۾ عرض ڪیو تہ حضرتا! ھن غلام کي حضور جن جي ذات اقدس کانسواءِ بي ڪنھن بہ خلیفي یامرید سان التفات ۽ ورونھ ڪا نہ رھي آھي. مگر سائین جن سال دل جو ڪلي تعلق آھي. پاڻ جواب ۾ نقل بیان فرمایائون تہ ڪو بزرگ پنھنجي ڪنھن مرید وٽ اچي مھمان ٿیو ھو، پوءِ انھي مرید مرشد لاءِ تمام مڪلف ۽ عمده طعام تیار ڪري ڪٽي آیو ۽ اچي آڏو رکیائینس، ایتري ۾ ھڪڙو ڪتو دروازي کان لنگھي آیو، بزرگ مرید کي چیو تہ: ھيءَ ماني ڪڻ ۽ انھي ڪتي کي ڏئي تہ کائي. مرید چیو تہ حضرتا! ھي ماني اوھان کائو، ڪتي کي آئون ڀي ماني پچرائي ڏیندس. تنھن تي انھي بزرگ پنھنجي ھٿ سان اھو عمدو کاڏو انھي ڪتي کي ویھي کارایو، مرید خدمت ۾ عرض ڪیو تہ حضرتا! ڪھڙي سبب جي ڪري ھن ڪتي جي ایتري تعظیم تکریم ڪئا ڪیو؟ بزرگ چیو تہ انھيءَ ڪتي جي رنگ ۽ شڪل سان ھڪڙو ڪتو اسان جي مرشد جي گھٽيءَ ۾ ھوندو ھو، تنھن ڪري سندس ادب ٿو ڪیان.!

نقل64: خلیفو میان غازي خان ٽالپر نقل ڪري ٿو تہ مون کي پھریان عادت ھوندي ھئي تہ سندن حضور مبارک ۾ ویجھڙو وڃي ویھندس ھوس، پر جڏھن جماعت جو انبوھ گھٽو ٿي ویو، تڏھن اڪثر ڪري ڪنڊ پاسي ویھڻ ٿیندو ھو، ھیڪرپاڻ صاحبزادي والاتبار میان محمد حسن شاھ کي میڙ طرح ملا محمد رحیم رھندڙ ھالن پراٹن جي حل مشڪل لاءِ حیدرآباد روانو فرمایائون ۽ اڪثر جماعت صاحبزادي سان گڏجي اوڏانھن روانو ٿي، مون کي ۽ فیروز فقیر نظاماٹي کي بہ صاحبزادي صاحب پاڻ سان گڏجي ھلڻ لاءِ چیو پر پاڻ کیس فرمایائون تہ مڙئي پاڻ سان نہ وڃي ویندین، اسین بہ سفر لاءِ تیار آھیون، آخر صاحبزادو جڏھن روانو ٿي ویو،تڏھن جماعت باقي ٿوري وڃي بچي، جو رڳو ھڪ صاحبزادو ۽ ٻیا بہ ٿي ڪي فقیر حاضر ھئا، اتي آئون جاءِ خالي ڏسي مسجد شریف جي اترین پاسي کان مصلي کي اچي ویجھڙو ٿیس، پاڻ ڏسي فرمایائون تہ خلیفا ٻیا بہ گھٹا آھن، پرتون اسانکي

سڪندریہ پبلیڪشنز ۽ درگاہ شریف حضرت پیرسائین پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پنهنجن صاحبزادن جهڙوآهين، وري فرمايائون تہ اڄ جماعت ٿوري ٿي آهي، انهيءَجو سبب فقيرن جي ڪثرت نہ آهي، بلڪ اسان کي اسان جي بچڙاين ۽ عيبن خدمت شريف کان پري وڌو آهي، پاڻ فرمايائون تہ اللہ تعاليٰ اوهان کي عيبن کان آزاد ڪيو آهي، پر فقيرن کي ادب ڪونهي جو وڏي ڄمار وارن فقيرن جو ادب نہ ٿا ڪن، پوءِپاڻ فرمايائون تہ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي زماني ۾ سڀ ڪنهن اصحابي سڳوري لاءِ مرتبي آهر جاءِ مقرر هوندي هئي، جيئن تہ وڏي ڄمار وارن لاءِپهرين صف۾ جاءِ مقرر هئي ۽ ننڍي عمر وارا پوئين صف ۾ بيهندا هئا، جيڪڏهن وڏن اصحابن سڳورو مان نماز جي وقت ڪنهن کي ديرمدار ٿيندي هئي تہ تڪبير جي وقت تائين ان جي جاءِ تي ڪوئي ڪو نہ بيهندو هو، باقي تڪبير کانپوءِ ٻيو اصحابي سڳورو سندس جاءِ تي بيهندو هو، پر جي تڪبير کانپوءِ اتي اهو مقرر جاءِ وارو اصحابي سڳورو اچي نڪرندو هو تہ پي اصحابي کي نماز ۾ ئي چيلهه کان وٺي ڪٽي پوئين صف ۾ بيهاريندو هو ۽ پاڻ پنهنجي اصلي جاءِتي بيهندو هو ۽ اهڙي هلت ڪري ڪو بہ ننڍن يا وڏن مان ترش رو ۽ رنج نہ ٿيندو هو، پوءِ فرمايائون تہ اسان کي بہ ڪڏهن دل ۾ خيال اينڊو آهي تہ جيڪرسنگتن کي سمجهايون تہ هوند اڳين پوين جي وچ ۾ ادب جي وات نگاهہ ۾ رکن، پرڏسون ٿا تہ بي ادبن کي ڪو اثر ڪو نہ ٿيندو.

نقل65: پاڻ بيان فرمايائون تہ هيڪر حضرت ميان صاحب قدس سره جن حاويلي شريف ۾ حاضر نہ هئا، آئون اندر هوس اتي هڪڙي ڪٽ اڻ واڻيل رکي هئي، مون کي دل ۾ خيال پيو، جنهن ڪري وڃي مڃ وڍي،انهيءَ مان واڻ تيار ڪري ڪٽ واڻي ڇڏيم، جڏهن پاڻ تشريف فرما ٿيا،تڏهن ڪٽ ڏسي پڇيائون تہ هي ڪٽ ڪنهن واڻي آهي؟ صاحبن سڳورن هن فقير جي نالي فرمايائون تہ فلاڻي واڻي آهي؟ انهي ڪم ڪرڻ ڪري پاڻ ڏاڍو خوش خورم ۽ راضي ٿيا ۽ فرمايائون تہ فلاڻو يعني هي فقير سيني ڪمن ۾اسان جي رضا طلبيندڙ ۽ مرضي ڳوليندڙ آهي.

نقل66: خليفو ميان غازي خان ٽالپر نقل ڪري ٻڌايو تہ هيڪر صديق فقير منڊڙو رهندڙ درگاهہ شريف جو جنهن پنهنجي سڄي حياتي اصحابن سڳورن اهل صفہ وانگر مسجد شريف جي ڪنڊ ۾ گذاري ڇڏي هئي، تنهن سندن حضور مبارڪ ۾ سندن ئي ٺهيل ڪافي پي پڙهي، جنهن تي ميان خيالي فقير ڪيس چيو تہ ڪافي جو مصرعو ائين نہ آهي. هن طرح پڙهو، صديق فقير چيو تہ تنهنجي چوڻ سان آئون مرشد جو ڪلام غلط ڪري ڪو نہ پڙهندس، انهي بابت مڙئي پاڻ ۾ ٻہ ٽي ڀيرا تڪرار سان گفتگو ڪيائون، پاڻ سندن گفتگو ٻڌي نقل بيان فرمايائون تہ ڪو شاعر ڪنهن ٻنيءَ وٽان اچي لنگهيو، ڏٺائين تہ اتي هڪڙو شخص ڳاڏي تي وينو سندس شعر پڙهي پر غلط سلط پيو ڪري، شاعر کي جوڪاوڙ آئي سو لٺ ڪٽي اچي ٻنيءَ جي ڪانن ۾ ٻينو ۽ ڏڪن سان وڃي انهن کي پڃندو، ڪڙمي اهو حال ڏسي پڃندو آيو ۽ اچي جهليائينس تہ اسان جي ٻنيءَ جا هي ڪانا، چو ٿو پڃين؟ هن چيس تہ تون وري اسان جي ٻنيءَ جا ڪانا چو ٿو وينو پڃين؟ يعني شعر وينو غلط پڙهين؟

67 نقل: هيڪر ميان قيصر خان نظاماڻي حضور پر نور ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! چون ٿا تہ جنت المعليٰ ۾ جنت البقيع مقامن وارا اهل قبور سڀ بهشت ۾ ويندا؟ جواب فرمايائون تہ هائو ائين لکن ٿا. قيصر خان وري عرض ڪيو تہ حضرتا! امامن سڳورن شهيدن رضي الله تعاليٰ عنهما جا قاتل ۽ ٻيا اڳيان ڪفار بہ اتي پوريل آهن؟ پاڻ ڪجهہ جواب ڪو نہ ڏنائونس. جامع ملفوظات شريف ﷺ چوي ٿو تہ انهي ڳالهہ بابت مخدوم ميان محمد زمان صاحب وڏي لواري وارن قدس سره کان منقول آهي تہ ڪنهن مريد کانئن پڇيو هو تہ حضرتا! ماڻهو چون ٿا تہ جيڪو جنت البقيع ۽ جنت المعليٰ ۾ پوربو، سو بهشتي هوندو، سا ڳالهہ ڪئين آهي؟ بزرگ صاحب جواب فرمايائون تہ **'جي هڙ ۾ هوئس تماڪ تہ جهنگ مڙوئي دائرو'** يعني: ايمان وارو تماڪ دل واري ڳڻڀ ۾ ٻڌل آهي تہ جاتي ڪاڻي جنت المعليٰ ۽ جنت البقيع آهي.

اي عزيز! پاڻ سائل جي جواب ۾ فرمايائون تہ ائين ٿا لکن يعني تہ اها ڳالهہ پاڻ ٻين تي موقف رکيائون ۽ پاڻ ڪجهہ بہ چٽائي نہ ڪيائون. پروري جڏهن سائل قاتلن ۽ڪافرن بابت سوال ڪيو تہ پاڻ ڪجهہ بہ جواب نہ ڏنائون،سو اهو مڙوئي پاڻ ٻنهي مقامن سڳورن جي ادب جي پاران ڪيائون، چوتہ جنت البقيع رسول ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي پاڙي ۾ آهي ۽ جنت المعليٰ رباني ڪعبي جي پاڙي سان ۽ جناب مخدوم صاحب قدس سره جن جو جيڪو جواب هو سو چٽائي سان بيان ڪري ڏنائون.

نقل68: هيڪر پاڻ نقل فرمايائون تہ ڪنهن بادشاهہ جي حضور ۾ ڪن نچڻين بازيگرياڻين جو ٽولو راڳ سرود ڪندي مشڪري ۽ ٽوڪ جو نمونو پئي ڏيکاريائون ۽ انهيءَ مشڪري ۾ حضرات نقشبندين جي مراقبي تي مشڪري اچي بيهاريائون. جيئن تہ انهن بزرگن وانگر مٿو گوڏي تي رکي مراقبو ڪري ويهي رهيون، گهٽي کل خوشيءَ ڪانپوءِ بادشاهہ کين حڪم فرمايو تہ هينئر مراقبو کوليو، پر هنن ٻڌو بہ نہ، مراقبو اهڙي طرح قائم رکيائون، تان تہ نيٺ بادشاهہ هنن کي هزارين لکين رپيا انعام ڏيڻو ڪيو تہ بادشاهہ جي حڪم ۽ دنياوي لالچ کي ڪين ڪري سمجهايائون ۽ مراقبي کان مٿون مٿي نہ ڪيائون ۽ ڪجهہ دير ڪانپوءِ پنهنجي مرضيءَ سان پاڻهي مٿو کٽي مراقبوکوليائون، تنهن تي وزيرن ۽ اميرن ۽ خود انهي بازيگرياڻين جي متولين کين ملامت ۽ مٿن ڪاوڙ ڪيائون تہ بادشاهہ جي حڪم موجب ڇو نہ مراقبي کان مٿو ڪنيو، جنهن ڪري تمام وڏي دولت ۽ ملڪيت حاصل ٿي پوي ها، هنن جواب ڏنو تہ انهيءَ وقت اسان اهڙي متبرڪ جماعت جي مشابهت ڪري ويٺيون هيون سون، اها مالیت نہ ٿهيو پر ساري روئي زمين جي دنيا اچي ڪني ٽئي تہ بہ سندن نظر ۾ ان جو قدر ڪڪ جيترو بہ ڪو نہ هجيس، پوءِ لاچار اسان کي بہ انهن جي حال موجب رهڻو پيو ۽ سندن روش جي مخالفت سبب شرمندو ٽيٽو نہ هوسون. پاڻ فرمايائون تہ بزرگن جي ادب ۽ جماعت فقراءَ جي برڪت ڪري انهن مڙني بازيگرياڻين کي الله تبارڪ و تعاليٰ جلشانہ فسق فجور ۽ بد ڪمن کان توبهہ نصوح نصيب ڪئي ۽ ولايت جي شرف کان مشرف فرمايو.

اي عزيز! حديث شريف ۾ وارد ٽيل آهي تہ ،

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

”مَنْ تَشَبَّهَ بِقَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ“

يعني: جيڪو شخص ڪنهن بہ قوم سان هلت چلت لباس طعام وغيره ۾ مشابهت ڪندو تہ اهو انهي قوم مان ٿيندو.

ڏسو تہ انهن بدڪار بازيگرياٽين جي بخت وارو ڏنو ۽ پاڻ پڙايو تہ رڳو انهيءَ مبارڪ جماعت جي مشابهت ڪرڻ پاران ولايت جي وڏي مرتبي تي مشرف ٿي ويون.

نقل69: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ پاڻ هيڪر نقل فرمايائون تہ هڪڙو سادات سڳورو جناب فيض ماب حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن جومريد هو. پوءِ هيڪر حضرت ميان صاحب جن جي حضور ۾ ڪي مهمان آيا هئا. تن ڪي ماني ڪارائڻ ڪانپوءِ اهو سيد ٿانو ڪنيو موٽيو پي آيو تہ واٽ تي حضرت ميان صاحب جن قدس سره آڏو ملي ويس. سندس منهن مبارڪ تي اڪ پوڻ ساڻ سندس پير ترڪي ويا ،گوڏا ۽ ٽوننيون وڃي زمين تي ڪتس،پر هوشياري ۽ ڏاهپ ساڻ مرشد جا ٿانو هٿان نہ ڇڏيائين ۽ ٿانون ڪي لوڏو نہ ڏنائين. حضرت ميان صاحب جن فرمايس تہ بابا! ٿانون بچائڻ لاءِ پاڻ ڪي ڇو ڦٽي وڏئي؟ هن سچي مريد عرض ڪيو تہ حضرتا! ٿانون جي ڀڃڻ ڪان مون ڪي پنهنجي وجود جو ڀڃڻ ۽ ايذاءُ گهٽو سولو ٿو لڳي.

نقل70: فتح محمد فقير ناهيو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر درگاهہ مبارڪ تي پي ويس اتفاقاً مون ڪي رات حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي قدس سرہ جي مڪان تي پيئي. اها رات جمعي جي هئي،سا اتي گذاري صبح جو درگاهہ مبارڪ تي هليو آيس ۽ ٻي پيري بہ اهڙي طرح مٿين هنڌ رات گذارڻ جو اتفاق ٿي ويو. اها رات بہ جمعي جي هئي. انهي پيري جڏهن درگاهہ تي آيس،تڏهن سندن قدمبوسي ڪان بعد عرض ڪيم تہ حضرتا! هن غلام ڪي بہ پيرا شاهہ ڀٽائي قدس سرہ جي مڪان تي رهڻ جو اتفاق پيو آهي، طالب ڪي ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ مبتدي نويل طالب ڪي ڪپي تہ مرشد ڪانسواءِ ٻئي هنڌ نہ وڃي.

اي عزيز! انهي بابت حضرت ناصرالدين خواجہ عبيدالله احرار قدس سرہ پنهنجي ’ملفوظات‘ ۾ ڪهڙو نہ سهڻو چيو آهي تہ،

زانرو ڪہ چشم تست احول
معبود تست پير اول

يعني:جڏهن تہ تنهنجي اک ڪي ڪجهہ ٽيڊ جو اثر آهي، (ورنہ) تنهنجو معبود پهريان تنهنجو مرشد ئي آهي.

ٻئي ڪنهن بزرگ فرمايو آهي تہ،

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

همہ شہر پر زخوباں ومن در خیال ماہی
چہ کنم چشم بدخو نکند بکس نگاہی

يعني: سارو شهر سهڻن (محبوبن) سان پريو پيو آهي،پر مون کي رڳو هڪڙي محبوب جي سڪ سيني ۾ سمايل آهي، ڇا ڪيان جو هي بدخصلت اک انهيءَ هڪ محبوب کانسواءِ ٻي ڏانهن نهاري ئي نٿي.

نقل71: بچل فقير درگاهي نقل ڪري ٻڌايو تہ هيڪر پاڻ شيخ گلاب جي دعوت ونڻ لاءِ پيو اسريا، آئون ۽ صاحبزاده والاتبار ميان محمد صادق ﷺ سندن هم رڪاب هئاسون، واٽ تي سندن مريدن مان هڪڙو شخص اچي قدمبوسي کان مشرف ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! آئون ڪالهاڪون درگاهہ مبارڪ تي آيو آهيان،پر ادب جي ڪري قدمبوسي حاصل ڪري نہ سگهيو آهيان،پاڻ فرمايائونس تہ پوءِ اڄ ادب ڪاڏي ويو؟

نقل72: پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪو گمنام مفلس شخص ڪنهن شاهوڪار کان ڪا عمدي پوشاڪ رعايتي ونڊي وڇي پهري ۽ انهيءَ ڪري ماڻهو کيس عزت ۽ مان شان وارو سمجهي عزت ڏين ۽ تعظيم بجا آڻن تہ اها عزت انهيءَ شخص جي نہ ڇئبي بلڪ اها انهي پوشاڪ جي عزت آهي، تنهن ڪري انهي مفلس کي گهرجي تہ انهي تعظيم ۽ عزت کي پاڻ ڏي نسبت نہ ڪري بلڪ پاڻ کي اهو ئي گمنام ۽ ڪنگال پائيندو رهي ۽ انهي عزت جي نسبت انهي شخص ڏانهن ڪري، جنهن جي اها پوشاڪ آهي،مطلب تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪامل جي صحبت ڪري بداخلاقيون ۽ رذيل خصلتون مٽجي سهڻيون وصفون ۽ نيڪ عادتون حاصل ٿي پون، جنهن ڪري هو زماني ۾ ممتاز باعزت ۽ مرجع الخلائق ٿي پوي. ڪپيس تہ انهن فضيلتن ۽ ڪمالين کي پاڻ ڏانهن نسبت نہ ڪري، بلڪ

"مَآ اَصَابَكَ مِنۡ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ" (النساء:۷۹)

ترجمو: توکي جيڪا ڇڪائي پهچي ٿي سان الله تعاليٰ جي طرفان آهي.

موجب انهن ڇڪاين کي الله تعاليٰ جلشانہ ڏي يا پنهنجي شيخ ڏانهن نسبت ڪرڻ گهرجيس، ڇو تہ شيخ بہ وصل جي لاءِ وسيلو آهي.

نقل73: جمعو فقير محراب فقير پرڳڙيءَ وٽ نوڪر هوندو هو ۽ وٽس ڏاڍي عزت ۽ حرمت هيس، سندس سيني ڪمن بابت مختار ۽ مالڪ هوندو هو ۽ پوشاڪ،ڪاڏي پيتي وغيره ۾ محراب فقير پاڻ جهڙو رکندو هوس، سو نقل ڪري ٻڌايو تہ هيڪر مون سندس خدمت بابرڪت ۾ بيان ڪيو تہ حضرتا! محراب فقير پرڳڙي مون کي تعظيم تڪريم ڏيندو آهي ۽ سيني ڪمن ۾مون کي مختارڪري ڇڏيو اٿس، پاڻ فرمايائون تہ 'اي يار! تون الله تعاليٰ جلشانہ کي دوست ٿو رکين، تنهن ڪري محراب فقير بہ تو کي دوست ٿو رکي' پوءِ فرمايائون تہ خلق جو اولياءَ الله کان ڍڄندي ۽ هيبت کائيندي آهي، سو رڳو هن ڪري تہ هو الله تبارڪ و تعاليٰ کان ڍڄندا رهندا آهن.

هر كه ترسيد از حق و تقویٰ گزيد
تر سداز وے جن وانس و هركه ديد

يعني: جيكو شخص الله تبارك وتعاليٰ كان ڊڄندو ۽ پرهيزگاري كندو تہ ان كان جن، ماڻهو مطلب تہ جيكو بہ ڏسندس تہ كائنس ڊڄندو پيو.

نقل74: قاضي محمد شفيع نقل كري ٿو تہ هيكر درگاھ تي ذكر جي حلقي ۾مون سندس پرسان ويني ذكركيو، پاڻ آهستگيءَ سان ويني ذكر كيائون ۽ مون ڏاڍيان ذكر پئي كيو تہ ذكر منجھ مون كي هي آيت شريف خيال ۾ آئي،

لَا تَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ (الحجرات: ٢)

ترجمو: پنهنجا آواز حضرت پيغمبر كريم ﷺ جي آواز كان بلند نہ كيو.

اهو خيال ايندي ئي مون ذكر آهستگيءَ سان كري وڃي پورو كيو، پوءِ ڄڏهن فارغ ٿياسون، تڏهن آيت شريف ۽ پنهنجي خيال بابت خدمت ۾ عرض گذاريم، پاڻ فرمايائون تہ الله تبارك و تعاليٰ جي ذكر ۾ جيئن پيا كيو، تيئن موكل آهي، باقي بين ڳالهين ۾ 'انصتوا' جو حكم هوش جي كنن سان ٻڌي ڇڏجي ۽ پنهنجو آواز مرشد جي آواز كان مٿي نہ كرڻ گهرجي تہ بي ادبي نہ ٿي پوي.

سكندريه پبليكشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سكندري

فصل چوٿون
ذكرن ۽ شغلن بابت نقلن ۾

نقل1: پاڻ فرمايائون تہ حضرت خواجہ بهاءُ الحق والدين نقشبند قدس سره کي ذڪر ،فڪر ، مراقبي ۽ وردن، عبادت، رياضت، صبر،قناعت ۽ توڪل وغيره سلوڪ جي شرطن سان ڪمال حاصل ٿيو هو. ۽ انهيءَ ئي وسيلي سان ڪين وصال حاصل ٿيو هو ۽ حضرت خواجہ عبدالله احرار نقشبندي قدس سره کي ضعيفن، فقيرن ۽ بيمارن جي خدمت جي طريقي سان وصل نصيب ٿيو هو. تنهنڪري پنهنجن مريدن کي بہ صحبت جي وقت ۾ خدمت جي گهٽي تحريص فرمائيندا هئا ۽ حضرت خواجہ نقشبند قدس سره پنهنجن مريدن کي ذڪر فڪر جي شغل جي گهٽي ڪوشش فرمائيندا هئا. ڇو تہ ڪين انهيءَ ئي واٽ سان الله تعاليٰ ڪ حاصل ٿيو هو.

پاڻ انهيءَ هنڌ هي سنڌي بيت فرمايائون:

جنهن کي جيائين پرين پاڻ پسائيو
تنهين کي تيائين ليئا پائڻ آيا

نقل2: پاڻ فرمايائون تہ هڪڙي پير پنهنجي مريد کي الله تعاليٰ ڪ جي صفتن ۾ فنا ٿيڻ جو شغل ڏسيو ۽ فرمايائون تہ **سميع** يعني ٻڌندڙ ، **بصير** يعني ڏسندڙ **كليم** يعني ڳالهائيندڙ ، **قدير** يعني سگهندڙ ۽ **حيُّ** يعني جيئرو.اهي سڀ صفتون الله تبارڪ وتعاليٰ ڪ جون آهن، ۽ پي سموري مخلوقات ۾ عاريتي (اڌاريءَ) طرح موجود رهن ٿيون. طالب کي ڪپي تہ جڏهن هن شغل ۾ مشغول ٿئي، تڏهن اهي سموريون صفتون پاڻ کان ۽ پي ڪل موجودات کان قطع ڪري سندن نسبت الله تعاليٰ ڪ ڏي ڪري. پوءِ جڏهن انهي نسبت ۾ ڪمال حاصل ٿي ويو تہ پوءِ بس الله تعاليٰ ڪ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪين رهندو.

انهيءَ شغل سان مشغول ٿيڻ جي واٽ هي آهي تہ پهريائين دل ۾ سندس خيال جمائي ۽ پوءِ دماغ ۾ انکي حفظ ڪرائي ڇڏيو تہ پوءِ اهو خيال متجي حال ٿي پوندو، ۽ حال وري جڏهن ڪمال کي پهچندو تہ پوءِ

"اَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ" (البقره : ۱۱۵)

ترجمو:

جي حقيقت کلي پوندي. جنهن جو مطلب آهي تہ جيڏانهن بہ نهاريندو تہ اوڏانهن ڪيس رباني تجلي نظر آڏو هوندي.

بہر طرف کہ بہ بينم جمال تو بينم
ہر آنچہ در نظرم جملگی تومی آئی

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يعني: جيڏانهن ٿو نهاريان تہ تنهنجي ئي تجلي پيو ڏسان. منهنجي نظر ۾ تہ مڙوئي تون ئي تون پيو ڏيکارجين.

توئي مقصود گر مشغول غيرم
توئي معبود گر نزديک دورم

يعني: ظاهري غير سان مشغول هوندس تہ بہ مقصود منهنجو تون آهين ۽ ويجهو هجان توڙي پري پر معبود منهنجي تون ئي آهين.

پوءِ اهو مريد بازار ۾ وڃي انهيءَ شغل جو فڪر ڪري هڪڙي هنڌ وڃي ويٺو اتفاقاً انهيءَ بازار مان هڪڙو هاٿيواڙ هاٿي ڪاهيو پي آيو. تنهن فقير کي سڏ ڪري چيو تہ فقير! اتان پري ٿجانءِ. ڇو تہ هاٿي آهي مست. متان توکي ڪو اهنج نہ پهچائي. پر فقير سندس چيو نہ ورتو ۽ پاسو نہ ڪيائين جڏهن هاٿي ويجهڙو آيس تڏهن سونڊ سان ونئي ڪٽي زمين تي اڇلايائينس. جنهنڪري فقير جو پير پڇي پيو. هي انهي حال سان پنهنجي پير وٽ آيو. ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! هن غلام کي فناءِ صفاتي جو شغل مرحمت فرمايو هيو. سو مون انهيءَ شغل سان بازار ۾ بينئي نظارو ڪيم تہ ايتري ۾ هاٿي آيو ۽ مون کي تڪليف پهچائي اٽس. پير فرمايس تہ ڪنهن توکي پري ٽيڙ لاءِ چيو هو ڪو نہ؟ عرض ڪيائين تہ هائو سائين! مون کي هاٿيواڙ سڏ ڪري چيو هو تہ هاٿي مست آهي رستي کان پري ٿجانءِ تہ اهنج نہ پهچائي، پر مون اوهان جي فرمودي موجب **حيُّ** جي صفت جو خيال رکي اتان پري نہ ٽيس. تنهن ڪري هاٿي ويجهو اچي مون کي سونڊ سان ڪٽي زمين تي اڇلايائين. پير چيس تہ **حيُّ** جي صفت سڃاتئي باقي **ڪليم** جي صفت نہ سڃاتئي؟ انهيءَ ئي ڪري توکي ايذاءِ پهتو آهي.

نقل3: هڪڙي مريد سندن حضورمبارڪ ۾ نفي اثبات جي شغل جي مشغولي لاءِ عرض گذاريو. پاڻ انهيءَ تي ڪنانس ڏاڍو راضي ٿيا ۽ ڪيس شغل سان هن طرح مشغول فرمايائون تہ پهريون دم بند ڪري "لا" جو حرف نفسي لطيفي کان شروع ڪري ۽ سري ، خفي ۽ اخفيٰ کان قيرائي معنيٰ جي لحاظ کان "الٰه" جو لفظ سڃي ڪلهي تي پهچائي ،جنهن جي معني آهي ٻيو ڪوخدا ڪونهي ۽ "الاالله" جو لفظ جنهن جي معنيٰ آهي مگر الله جل شانه، لطيفي روحي ۽ سري کان آٽي "ه" جي حرف قلبي لطيفي تي ضرب سان اچي پورو ڪري ،ايڪويهين پيري قلبي تصور سان "محمدرسول الله" چوي ۽ معنيٰ جي لفظ سان ڪلمو پورو ڪري دم کي ڇڏي ڏيئي پر جي ايڪويهن پيرن تائين دم بند نہ ڪري سگهي تہ پنجن يا ستن يا نون يا يارهن تي، جيترو تي سگهي اوتري تي دم ڇڏي ڏيئي، پر دم کي اِڪي تي ڇڏي نہ ٻڌيءَ تي، باقي انهي شغل جي زڪوات ايڪويهہ پيرا آهي.

اي عزيز! انهي شغل جي مقبوليت هيءَ آهي جو بشريت واري وجود جي نفي ٿي ويندي ۽ ان کان

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پوءِ سالڪ کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي جذبن مان جذبو عطا فرمايو وڃي ٿو ۽ حقيقت جا احوال ۽ رنگا رنگيون لڳو لڳ مٿس وارد ٿيڻ شروع ٿي ويندين ۽ جيئن اجائبو تيئن ڏؤ نہ ٿيندس ۽ "هل من مزيد" جو نعرو هٽندو اڳتي وڌندو ويندو پوءِ اهڙي سالڪ کي الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي ڪرم عميم سان دستگيري فرمائيندو ۽ جلد بلد ولايت ڪبريٰ جي درجي تي وڃي پهچائيندو.

نقل4: پاڻ فرمايائون تہ هيڪر سيد محمد عاقل جي ملاقات لاءِ ديهہ ۾ هالاٽي ۾ ويا هئاسون. هڪڙو فقير مجذوب جماعت ۾ هو ،جنهن کي تقديراً ڪن سنگتين جي صحبت مان ڀنگ پيئڻ جي عادت پئجي ويئي. اهو فقير اتفاقاً ڀنگين جي هڪڙي دائري کان اڇي لنگهيو ۽ انهن ڀنگين کان ڀنگ گهريائين دائري جي مالڪ مجذوب کي ڀنگ ۽ ڏنڊو ڪوندو آڻي ڏنو تہ هن کي گهوٽي پيءَ ۽ پاڻ ڪنهن ڪم ڪار سان شهر ڏي هليو ويو. اهو مجذوب تہ محبت الاهي جي نشي ۾ غرق ٿيو پيو هو ۽ مٿس 'سلطاني ذڪر' جو تمام غلبو هوندو هو تنهن ڀنگ گهوٽڻ جي آواز کي ذڪر جو آواز سمجهي ذوق شوق جي غلبي کان وڌي زور سان ڀنگ گهوٽيائين جنهن ڪري ڪوندي کي هٽي پيجي وڃائين. پوءِ ڏنڊو ڪٽي اڇي ٻين ٽانون تي ٻينڌ ۽ گهڙا، ڪونرا ۽ وٽا ٽالهيون هڪ بہ نہ ڇڏيائين سڀ پيجي ٻيهي رهيو. جڏهن دائري وارو شهر مان آيو تہ ڇا اڇي ڏسي تہ هڪ ٽانو بہ سڃو ڪونهي وڌي گهوڙا گهوڙا مچايائين ۽ دانهون ڪندي اڇي اسان وٽ فريادي ٿيو. اسان چيس تو پاڻ ان کي پنهنجي مرضي سان پاڻ وٽ دائري ۾ ويهاري ڀنگ جا ڏنڊا ڪوندا سندس حوالي ڪري هٿ سان پنهنجا ٽانو پيجرايا اٿئي تنهن ۾ اسان جو ڇا وڃي؟

نقل5: سيد غني شاهہ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر سندن حضور ۾ هڪڙي فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! جنهن ذڪر بابت حضور جن فرمايو هو اهو ڪيم جيئن تہ حضور جن فرمايو هو تہ جڏهن دم اندر سيني ۾ وڃي تہ "الله" جو اسم شريف خيال سان قلب تي هڻجي. جڏهن ٻاهر نڪري تہ "هو" جو اسم نڪ مان ٻاهر ڪڍجي. انهي ذڪر تي تڪرار ڪيو اٿم هينئر سموري جسم ۾ ذڪر جاري آهي. پاڻ فرمايائون تہ اهو "همه اوست" جو ذڪر آهي ۽ دم اندر آڻيندڙ ۽ ٻاهر نيندڙ بہ الله تبارڪ وتعاليٰ آهي.

جيئن ڪنهن بزرگ فرمايو آهي تہ ،

نامی ست بر من باقی همه اوست

يعني: مون تي رڳو منهنجي نالو آهي باقي آهي ڪل اهو.

نقل6: جامع ملفوظات ﷺ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر لاڙڪاڻي جي سفر ۾ آءٌ سندن خدمت ۾ حاضر هوس. پوءِ هڪڙي رات سواري تي حضور جن سان گڏ ذڪر ڪندا پي آياسون تہ انهي وقت عين ذڪر ۾ حضرت انبياءَ سڳورن عليٰ نبينا و عليهم السلام جي ڪمالينتن اڇي منهن ڏنو ۽ هن فقير جو جسم سڀ ڪنهن نبي جي جسم وانگر ٿي پي ويو. پوءِ اها ڪيفيت ۽ ٻيون گهڻيون ئي ڪيفيتون جن جو ذڪر ۾ ڏسڻ ٿيو هو. سي سندن حضور ۾ عرض گذاريم. پاڻ فرمايائون تہ اهي انبياءَ اولوالعزمن جون ڪمالينتون آهن. جڏهن الله

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تعاليٰ ﷻ بنا فکر جي اوهان کي عطا فريايون آهن تہ هينئر انهن جي شغل جو احتياج نہ رهيو. پوءِ انهي مقام جو حدون ٻڌائي ڇڏيائون.

نقل7: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري تہ جڏهن آءٌ سندن خدمت عظمت ۾ تلقين جي شرف کان مشرف ٿيس تڏهن ذکر جي تلاوت ڪندي اچي 'سلطاني ذکر' ۾ مشغول ٿيس ۽ اهو ذکر ساري بدن ۾ جاري ٿي ويو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ دل جي تصور سان گهٽو مشغول ٿي. سندن فرمودي موجب دل ساڻ توجه رکيو تہ ان مان ڏاڍي جمعيت حاصل ٿي ۽ ذکر بہ ساري ئي بدن ۾ غلبو ورتو. پوءِ پاڻ 'لطائف ستہ' يعني ڇهن لطيفن جو ذکر ڏسيائون. هر هڪ ۾ هڪ لطيفي جي محل بيان فرمائي ارشاد ڪيائون تہ نفسي لطيفو دن هڪ کان بہ آگر هيٺ آهي. ۽ قلبي جي جاءِ ڪپي ٻبي جي هيٺان آهي. ۽ لطيفو روحي سڄي ٻبي هيٺان ۽ سري لطيفو سيني جي وچ ۾ ۽ لطيفو خفي پيشاني ۾ ۽ لطيفو اخفيٰ دماغ ۾ آهي. پوءِ هي ترتيب ڏسيائون تہ پهريان نفسي لطيفي تي "الله" جو اسم خيال سان تڪرار ڪري تان تہ جيئن دم بند ڪرڻ ڪري عاجز ٿي پوي پوءِ سڄي پاسي کان نڪ بند ڪري ڪپي پاسي کان آهستي آهستي ساهه ڪڍي ڇڏي. اهڙي طرح سيني لطيفن تي ترتيب سان دور ڪري يعني پهريان نفسي تي پوءِ قلبي پوءِ روحي پوءِ سري ۽ خفي ۽ اخفيٰ تي تڪرار ڪري ، پر اخفيٰ لطيفي تي ٻين لطيفن کان بہ ٻيرا زياده تڪرار ڪجي ۽ اِڪي جو لحاظ رکجي. مثلا ٻين لطيفن تي ٿي ٻيرا تڪرار ڪيو هجيس تہ اخفيٰ تي پنج ٻيرا ڪري، ۽ جي ٻين تي پنج ٻيرا ڪيو هجيس تہ اخفيٰ تي ست ٻيرا ڪرڻ گهرجيس، ۽ اسم شريف جي صورت خيال ۾ رکڻ لاءِ هيٺان کان مٿي تي لحاظ رکجي يعني هينئين لطيفن کان مٿي دور ڪجي.

جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ ٿو چوي تہ ان فکر جي ابتداءَ ۾ البت ڏکيائٽي پئي لڳي سندن حضور ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! هن فکر جي تصور ۾ وڏو ذوق جو پاڻ هوندو. پاڻ فرمايائون تہ جيڪي آڏو آهي سو سڀ نور علیٰ نور آهي. پوءِ سڀ ڪنهن لطيفي مان ڏاڍا عجائب نظر آيا. ۽ سڀڪو ايڏو تہ ڪشادو پيو ڏسڻ ۾ اچي جو آسمانن ۽ زمينن کان بہ زياده ۽ رنگ (جي سالڪن کي معلوم آهن) ڏسڻ ۾ اچي ويا.

نقل8: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون ۽ حقائق آگاهه فقير رحيم ڏنو، ٻئي گڏجي درگاهه مبارڪ تي حضور مبارڪ ۾ پهتاسون، اتي فقير رحيم ڏني حضور جن کان ڪو شغل پڇيو! سو پاڻ کيس ڏسيائون، پوءِ فرمايائونس تہ تون ۽ خليفو اميد علي پاڻ ۾ حال محرم آهيو، هڪ ٻئي جي احوالن کان واقف پيا ٿيندا ڪيو.

نقل9: هيڪر سندن حضور ۾ ڪنهن فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! تهجد جي نفلن ڪانپوءِ ذکر ۾ مشغول ٿجي يا نہ؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪو اوهان کي مقرر وقت يعني سانجهي جو ذکر ڏسيل آهي، تنهن ۾ ذکرسان مشغول ٿيو، باقي تهجد جي نفلن ڪانپوءِ فکرڪرڻ گهرجي.

نقل10: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر خليفو محمد ناهيي حضور جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! اوهين هن کان اڳ گوڏن مبارڪن تي مراقبو فرمائيندا هئا ۽ هينئر روزانو

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يعني نماز وانگر وينِي ئي منهن مبارڪ تي لٽو وجهي مراقبو ٽا فرمايو.تنهن جو سبب ڇا ؟ پاڻ فرمايائون تہ هنن ڏينهن ۾ نفي اثبات جو شغل ٽا ڪيون.

اي عزيز! اهو شغل پاڻ پنهنجي پوئين حياتيءَ ۾ نماز صبح جي ڪانپوءِ ڪاني ڪن سج چڙهڻ تائين تڪرار فرمائيندا هئا ۽ انهي ڪانپوءِ اتي اشراق جا نفل ادا ڪندا هئا. انهيءَ روش تي آخر تائين هميشگي فرمائي اٽن. تنهن ڪري اسان مريدن تي بہ لازم آهي تہ پنهنجي مرشد جي انهيءَ روش جي متابعت ۾ محڪم ٽيون تہ سندن متابعت جي برڪت سان باطني فيض جا دروازا اسان تي ڪلي پوندا. ان شاءَ الله تعاليٰ.

نقل11: جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون درگاهہ مبارڪ تي هوس. اتي مسمات مائي سليمت رهندڙ ديهہ پليجن جي،جو اها پر ڳٽي روپاهہ جي ديهن مان هڪ ديهہ آهي. تنهن مون سان ڳالهہ ڪئي تہ مون اڄ اندر حويلي ۾ سندن حضور مبارڪ ۾ ڏاڍو عجز ۽ روڇ ڪيو ۽ پنهنجي طلب جي تقصير بابت عرض گذاريم،پوءِ پاڻ رحم فرمائي هي شغل مون کي ڏسيائون تہ بادشاهہ جي لشڪر جو وجي خيال ڪر. چوڏاري هيڏ مٽي سڀ انهي جو لشڪر آهي.

اي عزيز ! اهو شغل مقام 'جمع الجمع' ۾ آهي،جو تہ هينيون جهان توڙي مٽيون ٻئي انهي حقيقي بادشاهہ جا ئي آهن.

نقل12: صاحبزادو والاتبار ميان محمد شاهہ رضی الله عنه نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ رمضان شريف جي مهيني ۾اعتڪاف منجهہ وينل هئا،پوءِ روزي ڇوڙڻ وقت اسين مڙئي سندن خدمت ۾ حاضر هئاسون ۽ روزو ڇوڙيوسون. افطار ڪانپوءِ پاڻ مون کي فرمايائون تہ اي بابا! اڄ اسين اوهان جي لاءِ 'نفي اثبات' جي شغل ۾ مشغول ٽيا هئاسون. آئون ادب ڪان ڪو جواب ڪو نہ ڏئي سگهيس. پر دل ۾ خيال ڏوڙايم تہ سائين جن جو فرمائڻ تہ توهان جي نفي اثبات جي شغل ۾ مشغول ٽياسين. تنهنجو مطلب الائي ڇا؟ ايتري ۾ پاڻ منهنجي دل جي واهمي کان واقف ٽي فرمايائون تہ اي بابا! مرشد کي گهرجي تہ جنهن شغل ۾مريد کي مشغول ڪري تہ پاڻ بہ ان شغل کي تڪرارڪري تہ انهي ڪري مريد کي انهي شغل ۾ترقيءِ زيادتي حاصل ٽيندي.تنهن ڪري سڀ ڪنهن اٽين ڏينهن گذرڻ بعد مرشد کي سمورن شغلن جو دور ڪرڻ لازم آهي. ڇو تہ پوءِ جيڪو مريد جهڙي بہ شغل ۾ هوندو تہ ان کي ترقي نصيب ٽيندي.

فصل پنجون
قبض ۽ بسط بابت نقلن ۾

نقل1: جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر مون سندن خدمت مبارڪ ۾عرض گذاريو ته حضرتا! مون کي قبض ڏاڍو ٿو ٿئي، پاڻ فرمايائون ته قبض جي زيادتي بسط جي زيادتي جو سبب آهي،اسان کي بہ قبض گهٽو هوندو هو. پوءِ هي سنڌي بيت فرمايائون:

ڪڏهن تاکي ڏين ڪڏهن کلن در دوست جا
ڪڏهن اچان اچڻ نہ لهان ڪڏهن ڪونيو نين
ڪڏهن سکان سڏ کي ڪڏهن ڳجهه اندر ڳرهين
اهڙا ئي آهين، صاحب منهنجا سپرين

۽ پيو هي بيت بہ قبض تي شاهد آندائون:

ديدار می نمائی و پرهيز می کنی
بازار خويش و آتش ما تيز می کنی

يعني: ديدار ڏيکاري وري پرهيز ۽ اوٽ ٿو ڪرين، پنهنجي بازار ۽ اسان جي شوق جي باهه تکي ٿو ڪرين.

نقل2: هيڪر پاڻ الله بخش ابڙي جي ڇڏائڻ لاءِ حيدرآباد جي قلعي ۾ مير غلام علي ٽالپر وٽ تشريف فرما ٿيا هئا، الله بخش تي سرڪاري قرض رهيل هو، تنهن لاءِ ميڙ طرح سائين جن کي ونڻي ويا هئا،پر اتي جڏهن مير غلام علي پئسا نہ ڇڏيا ۽ انهن جي معافي لاءِ دولتمند مريد جيئن ته بهادر خان ۽ جعفر خان نظاماڻي ۽ ٻيا عقلي تدبيرون ڪرڻ لڳا،تڏهن سندن طبيعت مبارڪ تي بي جمعيتي جا آثار ڏسڻ ۾ آيا، ان وقت پاڻ مون کي (جامع ملفوظات) کي فرمايائون ته ڪو ڪتاب ڪڍي اڇ ته مطالعو ڪيون، ڇو ته بي جميعتي ٿي پئي آهي، مون سندن حڪم موجب گهٽو ئي ڪتاب جي جستجو ڪئي،پر هٿ ڪو نہ آيو، ٻئي ڏينهن پاڻ انهن زميندارن کي ٻين عقلي تدبيرن ويڙهائڻ کان صاف طرح جواب ڏئي ڇڏيائون ۽ فرمايائون ته اسان خاص خدا ڪارڻ آيا آهيون ۽ پنهنجي ارادي جي واڳ بلڪل پنهنجي قادر ڪريم جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏي اٿسي، ان وقت مون ڪتاب سندن خدمت ۾ پيش ڪيو، پاڻ فرمايائون ته اڄ ڪتاب ڪاڏي ڪنداسون،ڇو ته بي جمعيتي ڪٿي رهي آهي؟ هي سموري ڳالهه ۽ پئسن جي معافي جو تفصيل ڪرامتن واري فصل ۾ لکيو ويندو.ان شاءَ الله تعاليٰ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل3: پاڻ فرمايائون تہ لنگهن جي ريت هوندي آهي تہ جڏهن ڪنهن شادي مرادي تان ڪجهہ پئسا يا پيو ذخيرو جيڪي هٿ ايندو اٿن تہ اهو بنا سانگي صرفي جي دل جي مرضيءَ موجب خرچ ڪري ڇڏيندا آهن، پوءِ جڏهن ڪجهہ نہ رهندو اٿن ۽ تنگي ۽ بک اچي ونندي اٿن، تہ پوءِ پاڻ ۾ انهيءَ خوشي ۽ ڪشادگي وارن ڏينهن جون ڳالهيون ٻولهيون ڪري تنگي جي وقت کي نيائيندا آهن. طالبن کي ہ اهڙي ريت قبض جي وقت ۾ بسط جون ڳالهيون ياد آٽڻ کپن تہ الله تعاليٰ جلشانہ قبض جي وقت کي بسيط يعني ڪشادو ڪري ڏيندن.

خواجا حافظ فرمايوآهي تہ،

دور گردون گر دو روزی بر مراد ما نگشت
دائما يکسان نباشد کار دوران غم مخور

يعني: جو زمانو اسان جي مراد موجب هڪ ٻہ ڏينهن نہ هليو تہ ڏڪ نہ ڪجي ڇو تہ زماني جو هميشہ هڪ جهڙو دستور ڪڏهن ٻہ نہ رهندو، ڏکن ڪانپوءِسڪ آخر اچٹا آهن.

نقل4: عبدالله فقير رهندڙ کورواهہ جو نقل ڪري ٻڌايو تہ هيڪر سندن خدمت بابرڪت ۾ گوٹ سالارن منجهہ رات جو راڳ پئي ڪيوسين، صبح جو جڏهن اتان سوار پي ٿيا، ان وقت مون کان پڇيائون تہ رات تو ' سرڪنيات' مان هڪڙو بيت پئي چيو ،سو وري چئو تہ اسان توکان ياد ڪيون. مون عرض ڪيو تہ حضرتا ! اهو الائي ڪهڙو بيت آهي؟ پاڻ هن بيت لاءِ اشارو فرمايائون:

چنڊ مَ ايِر سنجهہ تہ اونداهي اجهو ڪيان
پيري ڪٿوري هنجهہ، رنا پرين پهائيان

پوءِ پاڻ اهو بيت مون کان ياد ڪري ورتائون.

نقل5: الهداد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٻڌايو تہ هيڪر آئون سندن خدمت ۾ڪنهن سفر منجهہ هم رڪاب پي ويس ۽ ان وقت ذوق شوق جي حالت کان کلندو پي ويس تہ اوچتي پاڻ مون ڏانهن نهاريائون ۽ مون کي کلندو ڏسي فرمايائون تہ اي الهداد! تون ٻہ خليفي بخش علي وانگر هميشہ پيو خوشيون ڪرين ۽ کلين، مون عرض ڪيو تہ حضرتا! آئون ڪو نہ ٻڌو ڪلان، سائين جن ٿا کلن، پوءِ فرمايائون تہ هميشہ خوش رهڻ ٻہ ايمان جي نشاني آهي.

نقل6: حقائق آگاهہ سيد ميان اول شاهہ رهندڙ ديهہ شادي واقع پرڳٹي روپاهہ جو نقل ڪري ٻڌايو تہ هيڪر مون سندس خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! قبض واري حالت ۾ مراقبي مان ڪو فائدو نہ ٻوپهچيءِ حالت واري وقت ۾ مراقبي جو احتياج ئي ڪو نہ ٻو رهي، باقي پوءِ مراقبي مان فائدو ڪهڙو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون مبتدي طالبن جي تعليم لاءِ.

نقل7: صاحبزاده والاتبار ميان هدايت الله شاهہ رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٻڌايو تہ پاڻ لوءِ (گهوٽڪي) جي بزرگن

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جي معاملي فيصل ڪرڻ لاءِ حاڪمن جي چوڻ موجب مخدوم صاحب محمد عاقل ﷺ کهڙن واري سان گڏجي اوڏانهن اسريا هئا. اتي پهچڻ کانپوءِ فقيرن تي غير جنس جي صحبت ۽ لوءِ وارن بزرگن جي ارادت منديءَ نہ هجڻ ڪري ڏاڍو قبض ۽ توقف ٿي پيو. انهي قبض جي ڪري ئي صاحبزادي ميان محمد حسن شاهہ جن عرض ڪيو تہ حضرتا! لڳن ۾ مخارش ٿي پئي آهي، تنهن لاءِ ڪبڙ جي پيرونئن کائڻ جي ضرورت اٿم. مون کي رخصت ملي؟ پاڻ ڪيس موڪل ڏنائون ۽ وري مون کان پڇيائون تہ اي بابا! تو کي بہ متان قبض هجي، عرض ڪيم تہ حضرتا! قبض آهي پر قبض مان ذوق اچي ٿو،پوءِپاڻ فرمايائون تہ طالب کي کپي تہ جيئن بسط مان لذت جو حض وٺي ٿو،تيئن قبض مان بہ ذوق حاصل ڪري.

نقل8: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو تہ پاڻ حديث شريف کان بيان فرمايائون تہ هيڪر حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن اصحابن سڳورن کان پڇيو تہ اهو کهڙو وڻ آهي جو خزان توڙي چيٽ ۾ هميشہ هڪ جهڙو سرسبز ۽ تازو ٿو رهي ۽ نہ ٿو ڪومائجي، نڪي سندن پن ٿا ڇڻن. اصحابن سڳورن مان ڪنهن کي بہ ان جو اطلاع حاصل نہ ٿي سگهيو، مگر ابن عمر ﷺ سمجهي ورتو ،پر ان وقت ڇمار جو ننڍو هو. تنهن ڪري چپ ڪري ويو! پوءِ پاڻ ٻڌايائون تہ اهو وڻ ڪجيءَ جو آهي. جو هميشہ تازو ٿو رهي. اتي حضرت عبدالله بن عمر ﷺ عرض گذاريو تہ حضرتا! مون کي اهو دل ۾ اچي ويو هو پرخليفن سڳورن ۽ ٻين وڏن اصحابن هوندي جرات ڪرڻ مناسب نہ پي سمجهيم.

حضرت مرشد مربي قدس سره جن هن حديث مبارڪ بابت سمجهاڻي ڏني تہ ڪجي مان مراد آهي ڪامل انسان، جو مصيبتن ۽ ايذائن ۽ مرضن وغيره جي خزان وارد ٿيڻ وقت بہ خوش خورم ۽ سلامتي حفظ ۾ رهي ٿو،انهن مان ڪيس ڪو ڏڪ ڪو نہ ٿو پهچي.

جيئن تہ قرآن مجيد ۾ ارشاد آيل آهي تہ ،

اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ(يونس : ٦٢)

ترجمو:خبردار بيشڪ الله تعاليٰ جلشانہ جا جيڪي دوست آهن، تن جي لاءِ نڪو خوف آهي ۽ نڪي هو غمگين ئي ٿين ٿا.

۽ ٻيا عام ماڻهو ٻين وٽن جي مثال آهن، جو ٿورڙي ئي تڪليف سان ملول ۽ ڏڪايل ٿي پون ٿا.جيئن ٻيا وڻ ٿورڙي ئي تڪليف اچڻ سان پنهنجا پن ڇاڻي ڪومائجي ويندا آهن ۽ هڪ حال تي قرار نہ هوندو اٿن. بلڪ ڪڏهن خزان ۾تہ ڪڏهن بهار ۾ تهڙي طرح بہ ٿورڙي ئي تڪليف سان همت هاري ٽپڙ اڇلائي ڇڏيندا ۽ هڪ حال تي نہ هلندا، ڪڏهن خوش تہ ڪڏهن رنج.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ڇهون
خواب ۽ انهن جي تعبير بابت نقلن ۾

نقل1: هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ مڪ شريف جي فتح ڪرڻ کان اڳ مدينہ منوره ۾ خواب ڏٺائون تہ ڇڻ ڪعبت الله شريف جو طواف پيا ڪيون. پوءِ صبح جو اهو خواب اصحابن سڳورن سان بيان فرمايائون. اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ حضرتا! حضور جن جو خواب پڪ آهي تہ حق ۽ سچ آهي. تنهن ڪري ڪعبت الله شريف جي زيارت لاءِ تياري ڪرڻ گهرجي. پوءِ پاڻ ستن سون اصحابن سڳورن جي جلوس ۾ ڪعبت الله شريف جي زيارت لاءِ احرام ٻڌي مڪ معظم ڈانهن روانا ٿيا. جڏهن حديبيہ وٽ پهتا. جا مڪ معظم کان ٽن ڪوهن پنڌ تي آهي. تڏهن پاڻ اتي نزول فرمايائون ۽ مڪ معظم وارن ڈانهن هڪڙو ماڻهو روانو ڪيائون تہ اسين اوهان سان وڙهڻ کو نہ آيا آهيون. بلڪ بيت الله جي زيارت لاءِ آيا آهيون. تنهن لاءِ اوهين روڪ نہ ڪريو. تہ اسين زيارت ڪري موٽي وڃون. انهن ظاهر ۾ تہ موڪل ڏني پر مخفي طرح پنهنجو لشڪر گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڈنائون ۽ مڪ شريف ۾ پسگردائي کان چار هزار ڪن ماڻهو گڏ ڪري جنگ لاءِ تيار ٿي وينا. پاڻ ڪريمن ﷺ صلح جي ڪوشش لاءِ اصحابن کي وري وري پئي موڪليو. پر ڪنهن بہ طرح صلح ۾ پيا اچن. نيٺ پاڻ امير المئومنين عثمان رضی اللہ عنہ کي صلح جي ڳالهين ۽ زيارت جي اجازت لاءِ موڪليائون. جڏهن حضرت عثمان رضی اللہ عنہ مڪي شريف ۾ آيو.تڏهن مڪي شريف وارن خيال ڪيو تہ حضرت عثمان رضی اللہ عنہ پيغمبر ڪريم ﷺ جي وڏن اصحابن مان آهي. تنهن ڪري ڪيس شهيد ڪري وڃون. انهيءَ ڪري حضرت عثمان رضی اللہ عنہ کي اتي ڪٽي قيد ڪيائون تہ ايتري ۾ مڪي معظم وارن مان ڪنهن شخص اچي حضور مبارڪ ۾ خبر پهچائي تہ حضرت عثمان رضی اللہ عنہ کي ڪفارن شهيد ڪري وڌو آهي. پاڻ ان وقت هڪ ڪندي جي وڻ هينان آرام منجهہ هئا جو ڪندڀءَ جون ٽاريون سندن پٺي مبارڪ تي پي پيون ۽ هڪڙو اصحابي سڳورو ٽاريون هٿ سان جهليو وينو هو. پاڻ انهيءَ خبر ٻڌڻ شرط ننڊ مان اٿيا ۽ سڀني اصحابن سڳورن کي گهرائي فرمايائون تہ مون سان هن انجام تي بيعت ڪيو تہ اوهين مڙئي هن ڪفارن جي جهاد ۾ اول کان آخر تائين سڀئي ڪسي ساهہ ڏيندو ۽ هڪ بہ پوئتي مديني منوره کو نہ ويندو.

سڀني اصحابن سڳورن ارادي ۽ عقيدت جو مٿو صداقت جي زمين تي رکيو ۽ سچي دل سان اهو انجام ڈنائون ۽ بيعت جو هٿ حضرت پيغمبر ﷺ جي هٿ مبارڪ ۾ ڈنائون. پوءِ جڏهن اها خبر مڪي شريف وارن کي پهتي تڏهن سمجهايائون تہ وڏي جنگ ٿي پوندي. انهي خوف کان صلح ڪيائون ۽ بين شرطن سان گڏ هي بہ شرط وڌائون تہ جيڪو بہ مڪي شريف وارن مان اوهان ڏي مسلمان ٿي ايندو. تنهن جي بازو اسان کي موٽائي ڏيندؤ. باقي جيڪو مسلمانن مان ڪافرن وٽ ايندو

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سو اوهان کي موڪلائي نہ ڏنو ويندو ۽ اهو عهد نامو ڏهن سالن تائين قائم رهندو.پاڻ اهو عهد نامو قبول ڪري ساڻن صلح ڪيائون ۽ انهن حضرت عثمان رضي الله عنه کي ڇڏي ڏنو.پاڻ ڪعبت الله شريف جي زيارت مهمل ڪري مدينہ منوره ڏانهن موٽڻ جو ارادو ڪيائون. اڃان مڪي شريف وارن جا وڪيل جي صلح لاءِ آيل هئا. سي اتي وينا هئا تہ هڪ شخص مڪي شريف مان اچي حضور مبارڪ ۾ اسلام جي عزت سان مشرف ٿيو. ڪفارن چيو تہ هي پهريون واقعو آهي. عهد نامي جي شرط موجب سندس ٻانهن اسان جي حوالي ڪيو. پاڻ انجام موجب انهي اصحابي سڳوري جو بازو ڪين ڏنو ۽ اصحابي سڳوري کي دلداري ڏنائون ۽ دعا فرمايائون تہ الله تعاليٰ جلشانہ تنهنجو نگهبان ٿيندو.حضرت اميرالمومنين عمر رضي الله عنه کي اصحابي سڳوري جو بازو ڪفارن کي ڏيڻ جي ڳالهہ ڏاڍي ڏکي لڳي ۽ جوش مان ڪي سخت الفاظ حضور مبارڪ ۾ چئي وينو. پاڻ فرمايائون تہ حضرت عمر رضي الله عنه پنهنجي انهي ڳالهہ کي ياد ڪري ساري ڄمار روئندو هو ۽ افسوس ڪندو هو. نيٺ جڏهن اهي ڪفارن جا ايلچي اصحابي سڳوري کي پاڻ سان ڪي موڪليا. تڏهن انهيءَ اصحابي سڳوري کي هٿيار هٿ ۾ ڪو نہ هو. پوءِ ڇا ڪيائين جو جهٽ ڏئي هڪڙي ڪافر جي ترار ڦري انهيءَ سان ڏڪ هڻي ماري وڌائيندس ۽ ٻيو اهو حال ڏسي ڀڄي ويو. اصحابي سڳورو انهي خوف کان بہ متان مون کي موڪلائي ڪفارن جي حوالي ڪن.حضور مبارڪ ۾ نہ آيو. بلڪ جنهن رستي سان مڪي شريف وارا شام ملڪ ڏانهن سوداگري لاءِ ويندا هئا. انهي رستي سان هڪڙي جبل تي وڃي ويهي رهيو. ٻيا بہ ڪي ماڻهو مڪي شريف مان اسلام تي آيا. سي بہ مڪي شريف مان نڪري ان جبل تي اڳين صحابي سان مليا.جو نيٺ وڃندي اچي ستر ڪن گڏ ٿيا. تن ڇا ڪيو جو جيڪو قافلو مڪي شريف جي ڪفارن جو شام ڏي ويندو يا شام کان ايندو هو. سو ڪافرن حربين جو مال ڇاڻي ڦري ويندا هئا. جنهن ڪري شام ۽ مڪي شريف جي وچ ۾ قافلن جو اچڻ وڃڻ بلڪل بند ٿي ويو ۽ مڪي شريف وارا ڪفار اچي تنگ ٿيا. پنهنجي مقرر ڪيل شرط مان پاڻ ڦاٽا. نيٺ حضور مبارڪ ۾ پيغام موڪليائون تہ جيڪو شرط اوهان ۽ اسان جي وچ ۾هو سو اسان کي ڀڄي پيو. اسان پاڻ ان کي خوشي سان رد ڪيون. هينئر جيڪو ماڻهو اسان مان اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿئي تہ ان کي ڪاجهل نہ آهي. پلي پيو اچي. تڏهن پاڻ انهن اصحابن سڳورن کي پاڻ وٽ گهرائي ورتائون. اهو پهريون اصحابي سڳورو جيڪو اول اول انهيءَ جبل تي آيو هو. سو اتي فوت ٿي ويو. باقي ٻيا اصحابي سڳورا اچي خدمت ۾ حاضر ٿيا. انهيءَ اصحابي سڳوري جو مقبرو اڄا تائين انهي جبل تي موجود آهي. هي مڙوئي تفسير حسيني سورت 'الفتح' ۾ ذڪر ڪيو اٿس.

نقل2: جامع ملفوظات رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو تہ هيڪر مون خواب ۾ ڏٺو تہ هڪڙي ٽلهي ۽ وڏي اٽ جي مهار جو ان جهڙو مون دنيا ۾ ڪڏهن بہ ڪو نہ ڏٺو آهي. منهنجي هٿ ۾ڏني اٽن ۽ انهيءَ اٽ تي هڪڙو چوڪرو چڙهيو وينو آهي ۽ ائين بہ معلوم ٿئي ٿو تہ اهو اٽ چوڪري سميت مون کي بخشيو اٽن. اوچتو اهو اٽ منهنجي هٿان مهار ڇنائي ونڃي هوا تي اڏاٽو ۽ چوڪرو مٽانس هيٺ ڪري پيو ۽ ڪرندي

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ئي سندس جسم پاڻي وانگر ڳري هارجي ويو. انهي خواب کان منهنجي دل ۾ اچي خوف ۽ رعب وينو ۽ اهو حال حضرت مرشد مربي جي خدمت ۾عرض ڪيم،پاڻ سندس تعبير فرمايائون تہ وجود اٺ جي مثال آهي ۽ چوڪر مان مراد آهي تہ نفس،جو وجود واري اٺ تي چڙهيو وينو آهي، پوءِ جڏهن وجود وارو اٺ مستي ۾ اچي هستي جي مهار ڇنائي وڏائين تہ پوءِ نفس وارو چوڪر ماري وجهندو ۽ نفس ۽ هستي جي قيد کان ڇٽي پوندو، پوءِ فرمايائون تہ هي خواب سنو ۽ چگو آهي،ان کان ڊپ نہ ڪرڻ گهرجي، بلڪ هن مان فرحت پيدا ٿيندي.

نقل3: خليفو جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر ابتدائي حالت وارن ڏينهن ۾ هڪڙي رات واقعات ۾ پيو ڏسان تہ گويا اسلام جو لشڪر ڪفارن سان جنگ ڪري رهيو آهي . اسلامي غازين جي لشڪر ۽ ڪفارن جي ڪٽڪ جي وچ ۾ هڪڙو وڏو واهہ پاڻيءَ سان پريو پيو وهي، جنگ ڪندي ڏٺم تہ ڪفارن جو لشڪر غلبو ڪري ويو ۽ اسلامي لشڪر هيٺو ٿي پيو،تڏهن انهن غازين مون کي چيو تہ تون هي حال وڃي حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪر، آئون انهن جي استدعا موجب حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي حاويلي مبارڪ جي دروازي تي آيس ۽ ڏٺم تہ هڪڙا ٻہ ملائڪ دربان ٿيا بينا آهن، مون انهن کي چيو تہ هي حال وڃي حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي حضور مبارڪ ۾ عرض ڪذاريو، پرهنن اندر وڃڻ کان انڪارڪيو ۽ چيائون تہ اسان کي اندر وڃڻ جي مجال ڪانهي، تڏهن مون پاڻ خدمت شريف ۾ وڃي اسلامي لشڪر جي شڪست جو احوال عرض ڪيو ۽ اندر وڃي ڏٺم تہ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي صورت مبارڪ ساڳي حضرت مرشد مڪرم جي صورت جهڙي آهي،پاڻ منهنجو عرض ٻڌي پنهنجي ذات شريف خود اتي اسلامي لشڪر جي مددگاري لاءِ تشريف فرمايائون ۽ هي عاجز بہ خدمت سڳوري ۾ ساڻ هو، پوءِ پاڻ اسلامي لشڪر جي وچ ۾ ايندي ئي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنائون، ڏٺم تہ ڪفارن جي لشڪر ۾ اچي جو خوف رعب پيو سو هڪ گهڙي بہ تاب نہ جهلي سگهيا ۽ سڀ ڏڪندا قرڪندا ونڊي ڀڳا ۽ اسلام جي فتح ٿي وئي، وري جوڪٽي نظر ڪري ڏسان تہ ڪفارن جو لشڪر سڀ پنهنجا مٽ ۽ عزيز قريب خصوصاً چاچا،ماما ۽ سؤٽ پيا نظر اچن.

اي عزيز! قرآن مجيد ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ سچ فرمايو آهي تہ،

اِنَّ مِنۡ اَزۡوَاجِكُمۡ وَ اَوۡلَادِكُمۡ عَدُوًّا لَّكُمۡ فَاحۡذَرُوۡهُمۡ (التغابن : ۱۴)

ترجمو: بيشڪ توهان جو ڪي زالون ۽ توهان جي اولاد مان توهان جا دشمن آهن، پوءِ انهن کان پاڻ بچايو.

۽ حديث شريف ۾ بہ آهي: اَلۡاَقَارِبُ كَالۡعَقَارِبِ يعني: مائٽ وڃن جهڙا موذي ۽ دشمن آهن.
اهڙي طرح عربي شعر آهي تہ،

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اَلْاَقَارِبُ كَالْعَقَارِبِ فِيْ اَذَاهَا
فَلَا تَفْرَحْ بِعَمٍّ اَوْ بِخَالٍ

يعني: مائٽ ايذاءَ ڏيڻ پاران ويڇن جهڙا آهن، پوءِ چاچن ۽مامن تي خوشي نہ ڪر.

وَ كَمْ عَمٍّ اَتَاكَ الْغَمُّ مِنْهُ
وَكَمْ خَالٍ مِّنَ الْخَيْرَاتِ خَالٍ

يعني: پوءِڪيترائي چاچا آهن جن کان غم کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٿو ملي ۽ ڪيترائي ماما مهرباني‌ءَ کان خالي آهن.

نقل4 : قاضي محمد شفيع رهندڙ پراٽن هالن جو چوي ٿو تہ هيڪر واقعات ۾ ڏٺم تہ آئون حضرت مرشد مربي سان سفر ۾ هم رڪاب آهيان،پوءِ پاڻ الله بخش ٽوڙي واري ٽالپر جي دعوت تي جو دائري جهيجاٽي جي ويجهو وينل آهن، تشريف فرمايائون، دعوت جي صاحب سندن لاءِ هڪڙو تنبو ۽ قنات شهر جي ڏاڪٽين طرفان ايو ڪري ڇڏيو هو، پاڻ اتي اچي لٿا ۽ اڳئين نماز ڪانپوءِ جماعت سان وينِي صحبت فرمايائون تہ اوچتو ئي اوپر جي طرفان پڙهي جوآواز آيو تہ حضرت رسالت پناهﷺ جن تشريف فرما ٿين ٿا، مون انهي سڏ ٻڌڻ شرط اوڏهين نظر ڪٽي نهاريو تہ واقعي حضرت سرور ڪائناتﷺ جي اڇي دستار شريف ۽ اڇي چادر سان ڪجهہ سٽيي پئي ڏيکارجي، ٻارهن ماٺهن سميت تنبو ڏانهن اچي رهيا آهن، پر ڏٺم تہ سندن صورت مبارڪ ۽ قد قامت هلڻ چلڻ دستار شريف سڀ مرشد معظم جهڙا آهن، نيٺ پاڻ تنبو جي اتر پاسي کان ٽلندا الهندي طرف اچي پهتا، پر حضرت مرشد معظم جن جيئن وينا هئا، تيئن وينا رهيا، نڪو اٿيا نہ التفات ڪيائون ۽ جماعت مان بہ جو جڏي سو تڏي وينو رهيو، اتي مون کي نهايت عجب لڳو ۽ دل ۾ خطرو پيو تہ حضرت مرشد مڪرم جن باوجويڪ حضرت پيغمبر ﷺ جن سان ايتري محبت ۽ اتحاد رکندا آهن جو اندازي کان ٻاهر تہ بہ اڄ پاڻ اهڙي ويجهڙائي ۾ آيا تہ اڏي استقبال ئي ڪو نہ ڪيائون؟ آخر ڏٺم تہ حضرت پيغمبر ڪريمﷺ جن حضرت مرشد مڪرم جن جي ڪٽ تي اچي وينا ۽ سندن ويهڻ ڪري ڪٽ جو چيڪٽ ٿيو، سو بہ مون پنهنجن ڪنن سان ٻڌو، ڇڇ وقت پاڻ اتي وينا هئا، قد قامت ۾ صورت مبارڪ ۾ ٻئي هڪ پيا نظر اچن، البت لباس ۾ تفاوت ڏيکارجي پيو، ٿوري دير ڪانپوءِ جان نهاري ڏسان تہ اتي رڳو پاڻ وينا هئا، انهي واقعي کان آئون حيران رهجي ويس ۽ اهو سمورو احوال حضرت مرشد ڪريم جي اڳيان پيش ڪيم، پاڻ فرمايائون تہ مبتدي مريد کي گمان آهي تہ حضرت پيغمبرﷺ جن ٻيا آهن ۽ مرشد ٻيو آهي پر ائين نہ آهي، جيڪي آهي سو سڀ محمدي حقيقت آهي، ٻيو ڪجهہ ڪونهي ۽ ظاهري صورتن جو اختلاف رڳو ڪنهن حڪمت لاءِ آهي، نہ تہ يڪ ذات ۽ يڪ وجود آهي.

نقل5: بهادر خان نظاماڻي جو سائين جن جي مريدن ۽ سنڌ جي حاڪمن جي وڏن اميرن مان هو، سو نقل

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪري ٿو ته آئون حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي رويت مبارڪ يعني زيارت لاءِ درود شريف گهٽو پڙهندوهوس، هڪڙي رات خواب ۾ پيو ڏسان اتر طرف کان فقيرن جو غوغاءُ ونيِ اٿيو. آئون گهر کان نڪري شهر کان ٻاهر الهندي طرف کان مسجد آهي، انهيءَ وٽ وڃي رستي تي بينس ته فقيرن جي جماعت اچي لنگهي، جن کي پوشاڪون سايون طوطي جي ڪنين جهڙيون پهريل هيون، مون انهن کان پڇيم ته هي ڪير آهن؟ جواب ڏنائون ته حضرت امير المومنين حضرت علي ڪرم الله وجهه جن اچن ٿا ته ايتري ۾ ٻي جماعت اتان اچي لنگي، انهن کان پڇيم ته هي ڪير آهن؟ جواب ڏنائون ته حضرت امام الاورعين حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه آهن، ان کانپوءِ وري ٽئين جماعت ظاهر ٿي، مون پڇيم ته ڪير آهن؟ جواب ڏنائون ته هي امير المومنين امام العادلين حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه آهن، وري ڏٺم ته انهن کان ٻي هڪ وڏي جماعت ٿي اچي، پڇيم ته هي ڪهڙي جماعت آهي؟ فرمايائون ته حضرت امير المومنين امام الصديقين حضرت ابوبڪرصديق رضي الله عنه جن ٿا اچن، انهن جي پويان وري ڏٺم ته هڪ وڏي جماعت غوغاءُ مولودن ۾ سماع سان پيا اچن،عرض ڪيم ته هي ڪير آهن؟ ڏسيائون ته حضرت رسالت پناهه سردار دوجهان ﷺ جن تشريف فرما ٿين ٿا، مون ڏٺو ته برابر پاڻ هڪڙي عمدي تکي گهوڙي تي سوار ٿي پيا اچن.

حضرت سرور ڪائنات ﷺ جي جمال با ڪمال جي زيارت کان مشرف ٿيس ۽ چتائي منجهن نظر ڪري ڏٺم ته سندس صورت مبارڪ قد قامت ساڳو حضرت مرشد مربي قدس سره وانگر آهي، مون اها سموري حقيقت مرشد معظم جي حضور ۾ عرض گذاري، پاڻ فرمايائون ته جنهن کي الله تبارڪ و تعاليٰ گهرندو آهي ته انهن کي اهڙن مشاهدن سان ويساهه جي زيادتي ۽ صداقت ۽ اخلاص جي ترقي پنهنجي فضل عميم سان ڏهوڻ ڪري ڏيندو آهي.

نقل6: جامع ملفوظات رحمه الله چوي ٿو ته هيڪر مون حرمين شريفين جي زيارت لاءِ حضرت مرشد معظم وٽ اجازت جو عرض پيش ڪيو، انهن ڏينهن ۾ موسم اهڙي هئي، جو پنجن ڇهن مهينن اندر حاجي زيارت ڪري موٽي گهر اچي پئي پهتا ۽ مڏئي بندر جي ميربحرن مون کي جهاز جي سواريءَ لاءِ دعوت پئي ڪيائون ته جيڪڏهن اوهان کي حرمين شريفين وڃڻ جو خيال هجي ته جهاز جي اچڻ وڃڻ جو ذمو اسان تي آهي ۽ اوهان جي خدمت ۽ ٽهل ۾ حتي المقدور قصور ڪو نه ڪنداسون، پاڻ منهنجو اهو عرض ٻڌي فرمايائون ته مڙسن تي ڪنهن جو قيد ڪونهي، بلڪ مختيار آهن، پوءِ پنهنجو واقعو بيان فرمايائون ته هيڪر مسجد شريف جي صحن ۾ رات جو مراقبي ۾ وينا هئاسون ته ائين مشاهدي ۾ آيو ته گوياڪ حضرت پيغمبر ﷺ جن جي روضي اطهر جي سامهون وينا آهيون ۽ اترئين طرف کان وڏيون ماڙيون پيون نظر اچن، انهن ماڙين تي ڏسون ته هڪڙو ڪتو پيو پونکي، ڪتي جي پونکار تي اسان کي هوشياري ٿي ڏنوسون ته اهو ڪتو اسان جي ماڙيءَ تي پيو پونکي، پيو بہ بيان فرمايائون ته اسان جي جماعت مان هڪ افغان فقير ابو طلحه نالي حرمين شريفين جي زيارت لاءِ ويو

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هو، پوءِ جڏهن زيارت ڪري موٽيو، تڏهن خيال ٿيس ته جيڪر زم زم جو پاڻي تحفي طور مرشد لاءِ وٺيو وڃان پر هلندي مهل ڪيس وسري ويو ۽ هڪڙي منزل ڪري اچڻ ڪانپوءِ ياد پيس، ويچاري ڪي دل ۾ پريشاني ٿي پئي، انهيءَ پريشانيءَ ۾ ننڊ جي گهل اچي ويس، خواب ۾ ڪيس سمجهاڻي ڏنائون ته اي فقير تون خاطر جمع رک، چو ته تنهنجي مرشد جي مسجد کان الهندي پاسي واري کوهه جا چشما ۽ زم زم جي کوهه جا نار پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيا اٿئون، انهي ڪانپوءِ ڪيس دلجاءِ تي ۽ خاطر جمعي سان هتي اچي اها حقيقت اسان کي بيان ڪري ٻڌايائين.

نقل7: جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر مون سندن خدمت ۾ عرض گذاريو ته حضرتا! مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته جڏ مسجد شريف ۾ وينو پيشاب ڪيان ۽ ايترو ته پيشاب ڪيو اٿم جو ساري مسجد پرجي وئي آهي، پاڻ فرمايائون ته توهان مسجد شريف ۾ پيشا ب ڪيو آهي، پر اسان خواب ۾ ڏٺو هو ته جڏ ڪعبت الله شريف ۾ ٽا پيش ڪيون، انهيءَ جو تعبير هي آهي ته خلق کي گهٽو فيض پهچايو ويندو ۽ تلقين جي زيادتي ۽ دنيا جو ترڪ حاصل ٿيندو.

نقل8: جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر واقعات ۾ ڏٺم ته بارش جي مند آهي، انهي ۾ آئون هڪڙي شهر ۾ وڃي نڪتو آهي، شهر ڏسان ٿو ته تمام عمدو ۽ منجهس ماڻهو به بلڪل گهٽا پيا ڏيکارجن، پر آئون انهن مان ڪنهن کي به ڪو نه سڃاڻان، ان شهر جي بازار اوپر کان ورتيون الهندي هليو ويس، جڏهن بازار جي پڇاڙي وٽ پهتس تڏهن اتي اتر جي طرف کان هڪڙي ننڍڙي مسجد نظر آئي اتي اڳين نماز جي ادا ڪرڻ جي خيال سان لنگهي ويس ۽ ڪونرو پري اتان اتر پاسي پيشاب ڪرڻ جي خيال سان وڌي هليس، آڏو ڏٺم ته هڪڙي ڪڏ آهي، اتان پنجهو پيا ڪڍن ۽ اتي پتر به گهٽا پيا هئا، اتي ويهي پيشاب ڪيم، پيشاب ڪندي اپرندي طرف کان ڏٺم ته هڪڙا به شخص هڪڙي جاءِ ۾ وينا پنگ گهوٽين سندن گهر به اتان ويجهڙا پيا ڏيکارجن ۽ انهن ۾نهي شخصن جي پرسان هڪ نڍڻي عورت اڌيڙ عمر جي به وينبي هئي، انهن شخصن ان عورت کي چيو ته نه ڇڏ هن فقير کي سندن چوڻ تي هوءَ اتي ۽ منهنجي پوئتان ڊوڙي، آئون الهندي ڏي رخ رکي وڃي پڳس، اهو ڊپ به ٿيم ته متان اهي به شخص به منهنجي پوئتان اچي مون کي وڃن، اها عورت به منهنجي ڪڍ ڏکندي آئي تان ته هڪڙي واهه تي اچي پهتس، جنهن ۾ مڙس کان تار پاڻي پي اڙهو، اتي اها زال مون کي اچي پهتي ۽ پويان مون کي اچي چيلهه ۾ ورتائين ۽ وڃڻ سان اچي زمين تي ڪري مون پنڌتي واجهائي ڏنو ته رڳي عورت آهي ۽ هو ٻئي ڇڻا پنهنجي هنڌ وينا آهن، اتي انهي عورت کي لتون ۽ مڪون هٽي پاڻ کان پري ڪيم ۽ انهي واهه مان جهٽ پٽ تري وڃي بي پڪ تي بينس، اتي ڏٺم ته وچ ۾ درياءَ پيو وهي ۽ لهرون منجهس پيون اٿن، سندس پڪ تي ٻيلو ۽ ڪانهه جا ٻوڙا بي انداز پيا ڏيکارجن، پنڌتي واجهايم ته ڏسان ته اها عورت ڪاوڙ کان مون کي پوندا پئي ڏئي، پوءِ اتان درياءَ مان روانو ٿي وري قافلي سان گڏجي موٽي آيس، پوءِ هي واقعات حضور پر نور ۾ عرض گذاريم، پاڻ فرمايائون ته انهيءَ زال کي اسان به لتون مڪون هنيون هيون.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل9: هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ درگاھ شريف واري مسجد شريف اڏائڻ کان اڳ اسان جي پڦي محترمہ مقدسہ خواب يا صواب ڏٺائون تہ جنھن جاءِ تي هينئر مسجد شريف اڏيل آهي تہ گويا ھڪ متبرڪ مسجد شريف اڏجي تيار ٿيل آهي ۽ انهي مسجد شريف جي اڏائيندڙ کي ايتري تہ تعظيم ۽ تڪريم عطا فرمايل آهي جو بيان ڪرڻ جي طاقت کان زياده آهي، پوءِ صبح جو صاحبن سڳورن اسان سان اهو راتوڪو خواب بيان ڪري وصيت فرمايائون تہ اوهين چار ئي پائر گڏجي مسجد شريف جي اڏاوت انهي ڏنل هنڌ تي ڪرائجو تہ جيئن اوهين سيئي انهي شرف کان کان مشرف ٿيو، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ نيٺ ٿيو اونئن جيئن الله تبارڪ و تعاليٰ جي گهر هئي يعني تہ انهي مسجد شريف جي اڏاوت ۽ فقيرن جي جماعت جو شرف حضرت مرشد مڪرم قدس سره کي ميسر فرمايو ويو ۽ ٻين پائرن مان ٻيو کو بہ انهي ڪم ۾ ساڻن شريڪ کو نہ ٿيو.

نقل10: پاڻ فرمائيندا هئا تہ هڪڙي اهل دل حضرت مخدوم صاحب قدس سره کي واقعات ۾ ڏنو ۽ ڪائنئن سڪرات جي حالت ۾ ملڪ الموت ۽ سختي بابت احوال پڇيائين،حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن جواب ڏنس تہ اسان نہ ملڪ الموت ڏنو ۽ نہ ڪا سڪرات جي حالت ئي پسڻ ۾ آئي، رڳو هيترو ٿيو جو اسان تي سڪر (بيخودي) جي حالت غالب ٿي وئي. (جا اڪثر عشق الاهي پاران متن طاري هوندي هئي) پوءِ جڏهن انهي مان ڪجهہ افاقو ٿيو،تڏهن پهريان سمجهيوسون تہ هن جهان ۾ آهيون، پر پوءِ ڄاتوسون تہ نہ هن جهان ۾ پهچي ويا آهيون.

نقل11: پاڻ فرمايائون تہ خواب ۾ وهندڙ پاڻي ڏسندا آهن تہ ان جو تعبير لشڪر ڪشي ٿيندو آهي، پوءِ پنهنجو خواب مبارڪ بيان فرمايائون تہ هيڪر خواب ڏٺوسون تہ هڪڙو پاڻي وڏي هيبت سان پيو اچي ۽ ائين في الحال اتي جو اتي سڪي ويو. تڏهن انهن ئي ڏينهن ۾ شجاع الملڪ سنڌ ملڪ تي وڏي هيبت ۽ دهشت سان ڪٺڪ چاڙهي آيو ۽ انهي ڪري ماڻهن ۾ وڏي ياڄڙ ۽ تفرقو اچي پيو. نيٺ جڏهن سندس مقابلي ۾ هيڏهون سنڌ جا ٽالپر حاڪم فوج تيار ڪري مقابلي ۾ آيا، تڏهن شجاع الملڪ دل جي بهاني سان ٿورڙي مالیت وٺي موتي هليو ويو.

نقل12: جامع ملفوظات رحمۃ الله عليه چوي ٿو تہ مون کي حضرت مرشد مڪرم جي هٿ مبارڪ تي بيعت جي شرف حاصل ڪرڻ کان اڳيرو الله تبارڪ و تعاليٰ جي طلب ۽ اشتياق اهڙو تہ دل ۾ وٺو هو جو جيڪو بہ کو فقيرن جي لباس ۾ کو ماڻهو ڏسندو هوس تہ دل ۾ پڪ ٿي ويندي هئي تہ ان کان مون کي خدا تعاليٰ حاصل ٿي پوندو.

پوءِ هڪڙي رات خواب ۾ ٿو ڏسان تہ آئون گهوڙي تي چڙهيو ٿو اچان، جڏهن جهانگير آباد جي ديهہ واري پراٽي مسجد کان اچي لنگهيس (جو اها چاچڪن جي پرڳٽي مان هڪ ديهہ آهي) تڏهن منهنجي ڪن تي مسجد شريف مان اندران قرآن شريف جي تلاوت جو پڙلاءُ پيو، جڏهن تہ مون کي طالب جي رغبت نهايت گهٽي ۽ ڪماليت تي هئي، تنهن ڪري گهوڙي تان لهي مسجد شريف ۾ اندر

گھڙي ويس، ڏٺم تہ هڪڙو نوڙهو پير مرد مشبہ شڪل سان ٻارن کي وينو پڙهائي، ڏسان پيو تہ اهي چوڪر سڀ اگهاڙا آهن، باقي جيڪي چوڪريون هيون، سي ڄمار ۾ ڪجهہ بالغ پيون ڏيکارجن، مگر ڪپڙا پاتل هين، جڏهن آئون سندس ويجهڙو ويس، تڏهن اٿي مون کي پاڪ پائي مليو ۽ هٿ کان ونڊي مون کي ويهاري ڪلمہ لااله الاالله جي ٽي پيرا تلقين ڪيائين، پوءِ ان کان موڪلايم، هو مون سان گڏجي مسجد شريف کان ٻاهر نڪري آيو ۽ چيائين ايرندي طرف هو شخص تہ ڏس، مون اوڏانهن نهاري ڏٺو تہ هڪڙو چانگ ذات جو شخص مينهون پيو چاري ۽ سندس هٿ ۾ لٺ آهي، جنهن تي قرآن ڪريم لکيل آهي، سو اتان ڏسندو پڙهندو ٿو وڃي، انهي خواب ڏسڻ کانپوءِ ٻارنهن ڏينهن گذريا تہ پاڻ مرشد ڪريم قدس سره جن ديهہ لکڙي ۾ تشريف فرمايائون ۽ آئون اتي وڃي تلقين جي عزت سان مشرف ٿيس.

نقل13: مير فقير ناهيو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پيرزادو وينل ديهہ پيري کوکر، جو اڪين کان معذور هو، تنهنجي مون سان دوست هئي، ان مون کي چيو تہ جڏهن حضرت مرشد مربي قدس سره جن هن پاسي تشريف فرما ٿين تہ مون کي سندن خدمت مبارڪ ۾ پاڻ سان وٺيو هلجان، تہ آئون سندن هٿ مبارڪ تي بيعت جي شرف کان مشرف ٿيندس، پوءِ جڏهن پاڻ لاڙ جي فقيرن جي دعوتن تي تشريف فرما ٿيا، تڏهن انهي کوکرن جي ديهہ جي ٻاهران اچي لنگهيا، پر مون کي انهي پيرزادي ويچاري جي ڳالهہ دل تان لهي وئي ۽ پاڻ اڳتي وڌي هليا، انهي ڏينهن ڏکڻ جي واءُ گهلڻ ڪري ڏاڍي رئي ونڊي اٿي هئي، ائين هلندي پوئتي نهاري ڏٺم تہ هڪ شخص انهيءَ پيرزادي معذور کي لٺ تي ورتيون پيو اچي، تڏهن مون بہ سندس احوال حضور ۾ عرض رکيو، پاڻ يڪدم گهوڙي تان لهي ويا، مون پنهنجي چادر هيٺان وڇائي، پاڻ ان تي وينا، جڏهن اهو پيرزادو قدمبوسيءَ کان مشرف ٿيو تڏهن عرض ڪيائين تہ حضرتا! مون کي حضرت غوث الثقلين رضي الله عنه کان سائين جن جي مريد ٿيڻ لاءِ امر ٿيو آهي، تنهن ڪري مون کي پنهنجي طريقي عاليہ ۾ داخل فرمايو، پاڻ جواب فرمايائونس تہ اي يار! جنهن کي حضرت غوث الثقلين رضي الله عنه جي جناب فيضماب کان منهنجي مريد ٿيڻ لاءِ امر ٿيو هوندو تہ ان جو مون تي هي حق آهي تہ کيس هٿ مان جهلي ونڊي حضرت پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حضور اطهر ۾ نيئي ڇڏيانس، پوءِ پاڻ پيرزادي کي پنهنجي مريديءَ سان مشرف فرمايائون.

نقل14 : محمد نظاماڻي پٽ ٻاجهي نظاماڻي جو، مخدوم محمد زمان وڏي لواري واري قدس سره جي مريدن مان هو، تنهن خليفہ جامع ملفوظات رحمة الله عليه سان ڳالهہ ڪئي تہ منهنجي پيءُ ٻاجهي فقير چيو تہ هيڪر مون خواب ۾ ڏٺو تہ هڪڙو سادات اتر طرف کان پيدا ٿيو آهي، جو خلق کي ارشاد پيو ڪري ۽ سارو جهان ان جي فيض کان بهر ياب ۽ فيضمند پيو ٿئي، تڏهن اڄا اهو هدايت جو سج (يعني حضرت مرشد مڪرم قدس سره) ڪو نہ ايريو هو، ٻاجهي فقير پنهنجو مٿيون خواب سيني پٽن ۽ مٽن کي ٻڌائي سمجهايائين تہ جڏهن اهو معرفت ۽ حقيقت جو سج ايري تہ اوهين سڀ ذرڙن وانگر ان جي نوراني شعاع مان بهرياب ٿجو ۽ جيڪڏهن آئون هن فاني دنيا مان رحلت ڪري وڃان تہ هزارين سلام هن ناتمام

طرفان انهي محي الدين والاسلام جي حضور ۾ پهچائجو.

نقل 15: عبدالله ذات آريسر ،حافظ موليڏني هالييوتي کان نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون خواب ۾ پيو ڏسان ته هڪ نوراني شعاع اتر جي طرف کان وٺي سوجهرو ڪيو اٿس، ۽ ساري جهان جي افق کي پنهنجي روشنائي سان ويڑهي ورتو اٿس. آئون دعا گهرندو هوس ته خدا ڪري اهو حقيقت جو سج شال پنهنجي حياتيءَ ۾ ايري ته آئون بہ سندس عالمگير نورانيت مان بهره اندوز ٿيان، جو نيٺ منهنجي اها دعا رب العالمين جي درگاهه ۾ قبول پئي. حضرت محبوب رب العالمين اونداهي جو سوجهرو، ڏکن جو ميٺيندڙ يعني حضرت مرشد مڪرم قدس سره جن هدايت ۽ ارشاد جو علم بلند ڪري جهان تي فيض جو پاڇو پکيڙيائون، تڏهن آئون ۽ ادر نالي آريسر ۾ئي گڏجي سندن سفر ۾ وڃي خدمت ڪيميا خاصيت ۾ حاضر ٿياسيون ۽ تلقين جو شرف حاصل ڪري هزارين حمد هادي ڪريم عزاسم جي درگاهه ۾ بجا آنداسون.

نقل16: هيڪر پاڻ بيان فرمايائون ته هڪڙي اصحابي سڳوري حضرت امير المومنين عمر رضي الله عنه کي سندس وفات کانپوءِ خواب ۾ ڏٺو ۽ کانئن پڇيائين ته حضرتا ! فوتيءَ کانپوءِ پڇا ڳاڇا بابت احوال ٻڌايو ته ڪيئن گذري؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته ڪا بہ پڇا ڪو نہ ٿي ، ڇو ته اسان کي هونئن بہ بيت المال جي ڪنهن معاملي ۾ دست آلودگي نہ هئي، مگر هڪڙي ڏانوڻ بابت البت پڇا ٿيم، جو هيڪر بيت المال جي اٽن جي جت اٽن لاءِ ڏانوڻ اڇي گهريا ۽ مون ڪيس نوان ڏانوڻ بيت المال مان ڏياريا هئا ۽ پراڻن ڏانوڻن بابت جي وٽس رهيل هئا، تن بابت انهي کان ڪا بہ پڇا ڪا نہ ڪئي سون، تنهن لاءِ اسان کان هت پڇا ڪئي وئي ته ڇو بيت المال جو نقصان ڪيئي؟ ۽ انهن پراڻن ڏانوڻن بابت ڇو نہ جاچا ڪئي هئي؟

نقل17 : مير فقير ناهيو نقل ڪري ٿو ته آئون ننڍڙائي واري وقت ۾ جو اڃا بلوغت کي ڪو نہ پهتو هوس، پنهنجي رانهن جي پوک واري ٻني ۾ پنهنجي نانيءَ سان، جو مخدوم بهاءُ الحق والدين ملتاني قدس سره جو مريد هو، گڏيو ٻيٺو هوس، اتي نانيءَ مون کي چيو ته اي ابا! اسين توڙي ڪٽي ملتان واري مخدوم صاحب قدس سره جا مريد آهيون، پر تون حضرت مرشد الزمان مهدي دوران جو مريد ٿجانءِ، جو سندن نسبت مبارڪ حضرت پيغمبر ڪريم عليه الصلوة والسلام جي آل اطهر سان هوندي، سو تون انهن جي ارادت جو ڏاڪو پنهنجي عقيدت جي ڪنڌ ۾ ٻڌجانءِ. مير فقير چوي ٿو ته نانيءَ جي انهي ڳالهه ٻڌڻ شرط منهنجي طبيعت تي جوش اچي ويو ۽ دل ۾ محبت جو سلو سائو ٿي هليو، نيٺ انهن ڏينهن ۾ هڪڙي رات خواب ڏٺم ته ڇٽڪ دنيا کي باهه جو ڪڙو ويڑهي ويو آهي ۽ ڪي ماڻهو ٻيڻا آهن، سي منهنجي نالي چون ٿا ته هن ڇوڪري کي ڇڏي ڏيو، ڇو ته هي اسان جي مريدن جي جماعت مان آهي، مير فقير ٿو چوي ته اڃا آئون ظاهري طرح سندن ديدار فرحت آثار کان سعادت اندوز بہ ڪو نہ ٿيو هوس، پر اتي خواب ۾ صورت مبارڪ ڏسڻ سان منهنجي طبيعت اهڙي تبديل ٿي وئي جو سڪر ۽ بيهوشي جي حالت غالب ٿي وئي، پوءِ انهي خواب کان بعد اٽڪل ست اٺ ورهيه کن پوءِ جڏهن پاڻ شيخ موتوءَ جي اسلام واري معاملي بابت حيدرآباد جي قلعي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، تڏهن مون سندن اچڻ جي هاڪ

ٻڌي اچي خدمت ۾ مشرف ٿيس ۽ زيارت ڪرڻ شرط جهٽ پٽ سڃاڻي ورتم ته هي اها ساڳي صورت مبارڪ آهي، جنهن خواب ۾ منهنجي دل چاڪ ڪري ڇڏي هئي. جڏهن يقين دلنشين ٿيو، تڏهن تلقين جي لاءِ اچي حضور مبارڪ ۾ وينس ته منهنجو چاچو جو اتي مون سان گڏ هو، تنهن زور سان مون کي حضور مان اڌاري ورتو ۽ چيائين ته تون چريو ٿيندين، پاڻ مون کي فرمايائون ته تون ذڪر فڪر سان مشغول هوندين، ان وقت ته تلقين ونڊ ڪان محروم رهجي ويس، پر سندس محبت ۽ ارادت جو تير چوٽي تائين دل ۾ گهڙي ويو، حقيقت ۾ مريد ٿيڻ مان مطلب آهي به اهو پوءِ جڏهن ٻي ڀيري پاڻ لاڙ ڏي تشريف فرما ٿيا ته ظاهري طرح سان هٿ مبارڪ تي بيعت ڪري تلقين حاصل ڪيم.

نقل18: ساڳيو مير فقير ناهيون نقل ڪري ٿو ته هيڪر مون تي قرضدارن جو ڪچ سارو قرض ٿي ويو هو، ڇٽڻي ڪري ۽ ظاهري طرح قرض جي ادا ڪرڻ جي به ڪا صورت نظر ڪا نه پئي اچي، تنهن ڪري قرض خواهن جي خوف ۽ قرض جي ڇٽڻي ڪري هميشه دل تي گرانباري ۽ خطرو رهندو هو، هڪڙي ڏينهن مراقبي ۾ وينو هوس ته اتي ظاهر ظهور بنا ننڍ ۽ گيرٽ جي حضرت مرشد ڪريم قدس سره کي ڏٺم ته مون کي پيا فرمائين ته قرض بابت ڪو وسواس نه ڪر، چو ته تنهنجي قرض ادا ڪرڻ جو ذمو اسان تي آهي.

نقل19 : محمد فقير حجام رهندڙ بهادر خان نظاماڻي جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر مون خواب ۾ حضرت مرشد مڪرم قدس سره کي ڏٺو ته پاڻ حوض ڪوثر جي ڪناري تي بينا آهن ۽ سندن منهن مبارڪ ڳاڙهي ورن پيو ڏيکارجي ۽ حوض ڪوثر جو پاڻي به ڳاڙهي رنگ پيو وهي ته ايتري ۾ حضرت ميان صاحب قدس سره جن به اچي نڪتا ۽ حضرت مرشد مڪرم قدس سره کي فرمايائون ته اتي بينا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته هائو، پوءِ ڏٺم ته سائين جن جا سيئي مريد اتي لباس پهريو حاضر بينا آهن ۽ بيا کي اهل مماتي جا اگهاڙا پيا ڏيکارجن ۽ کي ته رڳا هڏا ٿيا متيءَ تي پيا هئا.

اي عزيز! اهي اگهاڙا يا هڏا ٿيل اهي ڪامل شخص آهن، جن کي وهم جو لباس ۽ خيال وارو جسم فنا ٿيل آهي، جڏهن خيالي جسم چنو ته باقي هڏا وڃي رهيا هئا.

مولانا رومي قدس سره فرمايو آهي ته،

اے برادر تو ہمیں اندیشہ
ماںقی تو استخوان و ریشہ

يعني: اي ياءُ تنهنجو جسم اهو فڪر يا خيال آهي، باقي ٻيو تون رڳو هڏا ۽ رڳون آهين.

گر گلت اندیشہ شد تو گلشنی
ور بود خاری توهیمہ گلخنی

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يعني: پوءِ جيڪڏهن تنهنجو خيال گل ٿي پيو تہ تون بہ باغ آهين، پر جي تنهنجو خيال ڪنڊي جهڙو آهي تہ تون بہ ٻني جي ٻارڻ جي ڪاڻي آهين..

اي عزيز! اولياءَ سڳورن جو جسو عامين جي جسي وانگر دنياوي اسباب جو پليل نہ آهي، بلڪ خدا تعاليٰ جي قرب، الفت ۽ ورنهہ سان پاليل آهي ۽ دنيا جي مماتي کان "موتوا قبل ان تموتوا" جي امر موجب آزاد ٿي دنيا ۾ ئي حيات جاويد حاصل ڪري چڪي اٿن.

مري، جيءُ تہ ماڻين جانب جو جمال
ٿئين هوند حلال، جي پند اهائي پاڙيين.

نقل20: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ محمد خان فقير پرڳڙي کان جو تارڪ الاسباب فقيرن مان هو، نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون خواب ۾ پيو ڏسان تہ حضرت مرشد مڪرم قدس سرہ جي روضي مبارڪ ۾ زيارت لاءِ وينو آهيان تہ ايتري ۾ سندن مزار شريف مان دهشت پريل خوفناڪ هڪل آئي تہ ڪڍي چڏي، اهي پئسا جيڪي گهر ۾ رکيا اٿي! آئون اتي حيران رهجي ويس تہ مون وٽ تہ ڪجهہ بہ ڪو نہ رکيل آهي، بلڪ ڪيترن وقتن کان فاقي ۾ پيا گذاريون، پوءِ بہ انهي هڪل جو ڪهڙو سبب؟ تہ ايتري ۾ وري ٻيهر ساڳيو آواز اهڙي تہ هيبت ۽ دٻدٻي سان پوائتي هڪل ۾ آيو، جو روضي شريف کي ڏڪائي چڏيائين، آئون انهي کان ڊجي اتي ٻاهر ڀڳس ۽ بودلي واهہ جي ڀڪ سان جو شهر جي وچ ۾ آهي اچي پهتس، اتي بيهي پنهنجي چيلهہ ۾ هٿ گهمائي ڏٺم تہ متان ڪا بهلولي چيلهہ سان ٻڌل هجي، پر اتي ڪجهہ بہ ڪو نہ هو، پوءِ هڪڙيون چار بهلوليون ياد پيون جي تڏي جي ڳنڍ لاءِ ڪنهن شخص کي ڏنيون هيم، اهي خواب ۾ ئي انهي شخص کي بخشي چڏيم، ان ڪانپوءِ سجاڳ ٿيس ۽ ڏاڍي فڪر، ڏڪ ۽ ويچار ۾ پئجي ويس تہ هيترو تاب ۽ دهشت روضي شريف مان ڏٺم پر مون وٽ تہ ڪجهہ بہ ڪونهي، جلاليت جو ڇا سبب آهي؟ آئون انهيءَ ڳٽتي ۾ رهندو هو تہ نيٺ هڪڙي ڏينهن منهنجو پاڻ انهي منهنجي ڪڪائين چني ۾ لنگهي آيو ۽ هڪڙي هنڌ زمين کوٽي دانهن ڪري چوڙ لڳو تہ مون هتي تنهنجي اوطاق ۾ تيرنهن رپيا امانت جي جاءِ سمجهي پوري ويو هوس، سي هينئر مون کي هٿ نہ ٽا اچن، تڏهن مون ڪيس چيو تہ ادا! تنهن انهن پئسن مون سان وڌي عقوبت ڪرائي آهي، هتان ڪنهن بہ ڪو نہ ڪڍيا آهن ۽ نہ ڪو اسان کي تنهنجي رکڙ بابت ڪا خبر بہ آهي، چڱي طرح سان ڳولي پنهنجا پئسا ڪڍي وڃ، نيٺ پوءِ ڳولي لڌائين ۽ اتان ڪڍي کٽي ويو.

نقل21: غلام محمد نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر مون کي حضرت مرشد مڪرم قدس سرہ جن خواب ۾ پنهنجي مشاهدي کان مشرف ڪيائون ۽ فرمايائون تہ اي غلام محمد! قرآن شريف جي تلاوت ڪر، مون عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کان قرآن شريف جو پڙهڻ نہ ٿو ٿئي سگهي، پاڻ فرمايائون تہ بہ ڪجهہ تہ پڙهڻ گهرجي، مون جواب ۾ عرض گذاريو تہ حضرتا! مون کان ڪجهہ بہ نہ ٿو پڄي سگهي، ان تي پاڻ البت رنج ٿي پيا ۽ انهي سندن رنجش جي خوف ۾ ئي آئون سجاڳ ٿي پيس ۽ انهي مهل ئي

اٿي وڃي فرهي لکائي پڙهڻ سان مشغول ٿيس، سندن برڪت جي اثر سان جيڪي اڳي پڙهي وساريو هوم، سو سمورو پڙهي ياد ڪري ويس ۽ اڄ تائين ان کي پيو پڙهان، باقي وڌيڪ نه ٿي سگهيو.

نقل22: غلام محمد نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر واقعات ۾ پيو ڏسان ته هڪڙي مسجد شريف ۾ ڪو متبرڪ مشبہ شخص امام ٿيو جماعت کي پيو نماز پڙهائي، مون کي به دل ۾ خيال ٿيو ته جيڪر انهي بزرگ جي پويان وڃي نماز پڙهان، جڏهن مسجد شريف جي دروازي تي پهتس تڏهن اتي مون کي معلوم ٿيو ته بدعتي ماڻهو کي مسجد شريف ۾ اندر اچڻ نه ٿا ڏين، تن ڏينهن ۾ مون کي ناس ڏيڻ جي بدعت پيل هئي، پوءِ جيئن ايان آئون مسجد شريف جي دروازي کان اندر لنگهيس پئي ته ڪنهن شخص منهنجي سيني تي هٿ هٽي پوئتي لوڏي ڪڍيو ۽ اندر اچڻ نه ڏنائين، ايتري ۾ اندران آواز آيو ته انهي ماڻهو کي ڇڏيو ته اندر هليو اچي ۽ مون کي ڇڏيائون ۽ مون اندر وڃي امام جي ڪڍ نماز ادا ڪئي، پوءِ هيڪر حضرت مرشد معظم جي مزار مبارڪ جي زيارت لاءِ درگاھ ثريا پائگاھ تي آيس ۽ اندر ر وضي مبارڪ ۾ لنگهي وڃي وينس پر دل ۾ اهو ڏڪ ۽ ويچار هجيم پيو ته آئون ناس جي بدعت ۾ گرفتار ٿي ويو آهيان، خبر نه آهي ته منهنجو حال الائي ڪيئن ٿيندو! انهي فڪر ۾ مراقبو ڪري وينس ته گهڙي ڪن ڪانپوءِ هڪڙي فقير منهنجي ڪنهن مان وڻي روضي مبارڪ کان ٻاهر ڪڍيو ۽ چيائين ته جيڪي حضرت مرشد معظم قدس سره تو کي فرمايو سو معلوم ڪيو اٿي؟ مون چيو ته نه، فقير چيو ته حضرت پير سائين قدس سره فرمايو ته تون بدعت جي فڪر ۾ وينو آهين، سو اهو خيال پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏ، ان ڪانپوءِ سندن برڪت سان توڙي ناس جي ڏيلي به پلو ۾ ٻڌل هئي، پر ڪڏهن به ناس ڏيڻ لاءِ خيال کو نه پئي ٿيو ۽ طبيعت اهڙي ته ناس کان ٿهي وئي جو سندس بوءِ به نه پئي وٺي، ٻن ڏينهن ڪانپوءِ اها ڏيلي چوڙي اچلائي ڇڏيم ۽ الله تعاليٰ جي مهرباني سان بدعت کان بلڪل ڇٽي پيس.

نقل23: سيد موج علي شاھ نقل ڪري ٿو ته جڏهن درياءَ ، درگاھ شريف جي آسپاس وارين زمينن کي اچي پائڻ لڳو ۽ پاسي واريون ٻنيون لڳو لڳ پائيندو جوش سان اچي شهر کي ويجهو پيو جو ديهه مبارڪ جي پائجي وڃڻ جو يقين ٿي رهيو هو، تڏهن مون کي ڏاڍو فڪر ۽ ويچار اچي ٿيو، دل ۾ اهو خيال تمام سختيءَ سان لڳل هو ته انهي وقت ۾ هڪڙو خواب ڏٺم، جٽڪ پاڻ پنهنجي وڏي صاحبزادي مسند نشين اول سميت روضي مبارڪ ۾ وينا آهن، پوءِ جڏهن آئون سندن ويجهو ويس، تڏهن پاڻ مون کي امر فرمايائون ته ميان موجل شاھ اوري اچ جو اسين ماني ۽ مڇي وينا کائون، تون به اچي اسان سان گڏجي کاءُ. تڏهن آئون سندس حڪم موجب مڇي ۽ ماني ساڻن وڃي گڏجي کائڻ وينس، انهيءَ وقت خواب ۾ ئي خيال آيم ته هي خواب ٿو لهان ۽ ان جو تعبير اهو آهي جو درياءَ هي شهر پائيندو، پاڻ اتان نقل مڪاني فرمائي، اسان جي ويجهڙائي ۾ مسڪنت فرمائيندا ۽ پوءِ ٿيو به نيٺ ائين.

نقل24: حاجي جعفر نقل ڪري ٿو ته هڪڙي شخص حضرت مرشد مڪرم قدس سره کي واقعات ۾ ڏٺو ۽

کائنئ پڇيائين تہ حضرتا! موت جو احوال الائي ڪهڙيءَ طرح ٿيندو؟ پاڻ فرمايائونس تہ جڏهن هتي ايندين تڏهن پاڻهي معلوم ٿي ويندئيي.

نقل25: مير محمد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هڪ رات حضرت مرشد مڪرم کي خواب ۾ ڏٺم تہ پاڻ گويا درگاهہ مبارڪ واري مسجد شريف جي پويان وضو وينا سارين، اتي مون سندن خدمت بابرڪت ۾ دعا لاءِ التجا ڪئي، پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ذڪر جي ڪوشش ڪيو ۽ خدا تعاليٰ سان هجو.

نقل26: عبدالله فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هڪ رات مون خواب ۾ ڏٺو تہ حضرت مرشد مڪرم جن اسان جي ڳوٺ تشريف فرما ٿيا آهن ۽ ميان محمد خان واري اوطاق ۾ ڪٽ تي وينا آهن، آئون بہ اتي ويس ۽ ارادو ڪيم تہ پيرين وڃي پوان، تہ پاڻ مون کي فرمايائون تہ اسين تو سان ڪو نہ گڏباسون، ڇو تہ دير ڪري آيو آهين، آئون سندن اهو ڪلام ٻڌي بي تاب ٿي وڃي پيرن تي ڪريس، پوءِ مون کي هٿ مان وٺي پاڪر پائي فرمايائون تہ مرشد جي حضور ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي.

اي عزيز! مٿيون فقير ذڪر ۾ غفلت ۽ سستي ڪندو هو ۽ تنهن ڪري پاڻ ڪيس 'دير سان اچڻ' جي لفظ سان خبردار ڪيائون.

نقل27: غلام حسين فقير نقل ڪري ٿو تہ هيڪر مون خواب ۾ ڏٺو تہ هڪڙو وڏو نانگ ازدها آهي، سو مون کي ڏنگ هڻي ويو، انهي ڪري دل ۾ البت حراس ٿي پيو، پوءِ اهو خواب حضرت مرشد ڪريم جي حضور ۾ بيان ڪيم، پاڻ فرمايائون تہ تو کي عشق جو ازدها ڏنگ هڻندو.

نقل28: بچل فقير نقل ڪري ٿو تہ هڪڙي فقير سندن حضور مبارڪ ۾ عرض گذاريو تہ حضرتا! مون کي خواب ۾ نظر آيو تہ آهي هڪڙي وڏي ڏينڌ آهي، جنهن ۾ گهٽيون ئي ٻيڙيون پيون ڦرن، نيٺ اهي سيئي ٻڌي ويون، باقي هڪڙي ٻيڙي ڏسان ٿو تہ صحيح سلامت رهجي وئي آهي، پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ٻيڙين مان مراد آهي مختلف طريقا، جو اهي مڙئي امام صاحب جي ظهوري وقت ڳري چٽ ٿي ويندا، يعني تہ منسوخ ٿي رهندا،پر رڳو هڪ امام جو طريقو باقي رهندو، پوءِ انهي فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! امام حضور جن جي ذات مبارڪ آهي؟ پاڻ ڪسر نفسي ڪري فرمايائون تہ اسين امام جا غلام آهيون.

نقل29: سليمان فقير سهتو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر مون هڪڙا بہ ڪونرا نذراني لاءِ خريد ڪري درگاهہ مبارڪ ڏي ڪٽي هليس، رات واٽ تي پئجي وئي، اوجري جي ڳوٺ ۾ اچي رهيس، اتي رات جو واقعات ۾ پيو ڏسان تہ هڪڙي لانڍي کي باهہ اچي ورتو آهي، منهنجا بہ پائر انهي لانڍيءَ اندر آهن، سي سڙيا ٿا وڃن تہ ايتري ۾ حضرت مرشد مڪرم قدس سره اتي حاضر ٿيا ۽ سندن چيلهہ مبارڪ سان ترار ٻڌل پئي ڏيکارجي، پوءِ پاڻ هڪڙي کي وارن مان وٺي باهہ مان ٻاهر ڪڍي آيا، باقي ٻيو اوئين باهہ ۾ رهجي ويو، پوءِ جڏهن درگاهہ مبارڪ تي سندن خدمت مبارڪ ۾ حاضر ٿيس، تڏهن انهي واقعات جو مون اڳا ساڻن بيان ڪو نہ ڪيو تہ ازخود فرمايائون تہ هئا ٻئي مريد، پر هڪڙي کي اسان جا اخلاق هئا ، تنهن

کي باھ مان ڪڍيوسين ۽ ٻئي کي اخلاص حاصل نہ ھو، تنھن کي ڇڏيوسين، پوءِ پاڻ مھرباني فرمائي واقعات جو تعبير تفصيل سان فرمايائون تہ لانڊي مان مراد آھي دنيا ۽ باھ مان مراد آھي حرص ۽ نفساني سڏون.

نقل30: محراب فقير سنجراڻي نقل ڪري ٻو تہ منھنجي نياڻي فوت ٿي وئي ، جنھن ڪري مون کي ڏاڍو ڏک ۽ اندوھ ٿي پيو ھو. انھي ڏک ھوندي پاڻ سخت مرض ۾ گرفتار ٿي پيس، جنھن ۾ موت جي ڊپ اچي ورتو ۽ انھي شدت مرض ۾ وري پوين جي ڏک اچي ورايو تہ مون کانپوءِ انھن جو ڪھڙو حال ٿيندو؟ مطلب تہ انھن ڏکن چوڌاري اچي گھيريو ھو تہ انھي وچ ۾ خواب ۾حضرت مرشد مڪرم قدس سره جي زيارت کان مشرف ٿيس، پاڻ مون کي فرمايائون تہ اي يار! خدا تعاليٰ کانسواءِ ٻي جنھن بہ شيءِ سان دل جو پيار ڳنڍيل ھوندو تہ ان مان ضرور ڏک ۽ ايذاءُ خرابي ٿيٽي آھي، ڇو تہ ھن جھان جون سڀ شيون فاني آھن، پوءِ جيڪڏھن ڪو شخص انھن شين سان پنھنجي دل ڳنڍي ٿو تہ پوءِ جنھن وقت اھا سندس قرب واري شيءِ فنا ٿيندي تہ ضرور ان جي تعلق ڇڇڻ وقت ڏک ۽ اندوھ پھچندس، يا وري پاڻ فوت ٿيندو تہ اھو تعلق ڇڇندو ۽ پوءِ بہ انھي شيءِ جي فراق ڪري ڏک ۽ غم ۾ روئندو دانھون ڪندو ويندو، تنھن ڪري ڏکن کان آزاد ٿيڻ جو رستو اھو ئي آھي جو غير جي محبت ۽ قرب دل مان ڪڍي خدا تعاليٰ سان ڳنڍجي.

نقل31: محمد خان پرڳڙي، فتح خان پرڳڙي کان نقل ڪري ٻوتہ ھيڪر پاڻ ڪڇ ملڪ جي سفر تي چڙھيا ھئا ۽ آئون بہ انھي ملڪ ۾ سندن خدمت مبارڪ ۾ ساڻ ھوس، مون کي دل ۾ ھڪڙوخيال اچي پيو تہ حضرت مرشد مڪرم قدس سره جا مڙئي مريد حضرت پيغمبر ﷺ جي لقاءَ جي شرف کان مشرف ٿي چڪا آھن، آئون عاجز ايا تائين مايوس رھيو وتان، انھيءَ خيال ڪري دل کي ڏاڍو درد ٿيو ۽ انھي دل شڪستگي پاران سندن خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿي پنھنجي ڳوٺ موٽڻ لاءِ موڪل گھريم، پاڻ جواب فرمايائون تہ تو کي موڪل ڪا نہ آھي، لاچار ٽڪي پيس، پوءِ جڏھن ڪلر وارو بر لنگھاسون، تڏھن ھڪڙي رات خواب ڏٺم تہ ھڪڙي وڏي مجلس شوڪت ۽ حشمت سان برپا ٿيل آھي، جنھن بابت ماڻھن کان پڇم تہ ھي حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي مجلس آھي، تڏھن اتان پڇا ڪيم تہ حضرت سيد الڪونين رحمت للعالمين ﷺ جن ڪٿي آھن؟ انھن مون کي حضور جن صلوات الله تعاليٰ عليہ والتسليمات جي صورت مبارڪ ڏيکاري ۽ آئون زيارت کان مشرف ٿي ويس، آئون صورت مبارڪ ڏي نھارينڊو ئي رھيس تہ اھا صورت شريف حضرت مرشد ڪريم جي صورت مبارڪ سان مٽجي وئي، ايتري ۾ خواب کان سجاڳي ٿي وئي، پوءِ جڏھن حضرت مرشد مڪرم قدس سره جي خدمت مبارڪ ۾ آيس، تڏھن پاڻ مون کي فرمايائون تہ اي فتح خان! لقاءِ محمدي عليہ افضل الصلوات واڪمل التحيات ڏٺئہ؟عرض ڪيم تہ ھائو سائين! حضور سائين جن جي ديدار کان مشرف ٿيس،پوءِ فرمايائون تہ اي يار ! ٻنھي صورتن ۾ ڪو فرق ڪو نھي، اتي مون کي بلڪل جمعيت ۽ دل جي فرحت حاصل ٿي ۽ تردد ، ڳڻتي ،شڪ شڪوڪ ۽ دوئي سڀ دور ٿي ويا.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ستون
طلب جي ترغيب بابت نقلن ۾

نقل1: هيڪر پاڻ حضرت ميان صاحب قدس سره کان نقل فرمايائون تہ پاڻ حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن کان بيان فرمايائون تہ سنڌ جي ماڻهن کي اول آهي، باقي پچاڙي کانهي ۽ پناڻن کي اول کونهي، مگر پچاڙي اٽن، يعني سنڌ جي ماڻهن کي پهريان پهريان ارادو سچائي ۽ شوق گهٽوئي منهن ڏي ٿو پر پچاڙي ۾ ثابت قدم نہ ٿا رهن ۽ پناڻن کي پهريان عقيدو ۽ ارادت کو نہ ٿو ٿئي پر پچاڙي ۾ ارادت مند ٿي وڃن ٿا تہ پوءِ مرشد جي جمال باڪمال واري شمع تي پاڻ کي پتنگ وانگر جلائي ٿا ڦٽو ڪن ۽ ٻئي طرف ڪيڏانهن بہ منهن نہ ٿا موڙين، بلڪ سندن دل ۾ ارادو اهڙو تہ محڪم ٿي رهي ٿو، جيئن پهڻ تي ليڪو.

نقل2: پاڻ طالبن جي ترغيب لاءِ فرمائيندا هئا تہ هيڪر حضرت سلطان العارفين بايزيد بسطامي قدس سره مراقبي ۾ وينا هئا ۽ انهي حال ۾ ڪين بي جمعتي ٿي پئي، ايتري ۾ مٿان غيبي آواز ٻڌائون تہ اي شيخ! مٿو ڪٽي هن طرف ڏي نهار، حضرت شيخ قدس سره مٿو ڪٽي نهاري ڏنائون تہ هڪڙو ٻلو ڪنهن ڪوئي جي ٻر ۾ شڪار حاصل ڪرڻ لاءِ نظر ڄمايون اهڙو تہ سُڪو وينو هو جو پنهنجا سڀ حواس بند ڪري رڳو ڪوئي جي خيال ۾ محو هو، سندس بت جو هڪڙو وار بہ نہ پئي چريو، اتي ڪين الله تبارڪ و تعاليٰ جي طرفان الهام ٿيو تہ اي شيخ ! پنهنجي طلب ۽ همت ٻلي کان گهٽ نہ آڻ، ۽ مون کي پنهنجو مقصود ڪوئي کان گهٽ ڪري نہ سمجهہ.

نقل3: پاڻ فرمايائون تہ جيڪو طالب پنهنجي دل کي شيطاني خطرن ۽ نفساني وهمن ۽ وسون کان پاڪ نہ ڪندو ۽ پنهنجي سيني کي پراگنده خيالات جي ميراڻ کان صاف نہ ڪندو تہ اهو شخص الله تعاليٰ جلشانہ جي طالبن جي جماعت مان نہ ڳڻيو ويندو ۽ انهي کي بہ ڪپي تہ پاڻ کي طالبن مان نہ ڳڻي.

نقل4: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ پاڻ مون کي خطاب ڪندي فرمائيندا هئا تہ ،

اِقْرَاْ كِتٰبَكَ كَفٰى بِنَفْسِكَ (بني اسرائيل: ۱۳)

ترجمو: پنهنجو ڪتاب پاڻ پڙهہ ۽ تنهنجو نفس تو لاءِ ڪافي آهي.

هينئن بہ فرمائيندا هئا تہ:

پڙهيو سڀ وسار وسرئو الف ياد ڪر

نقل5: ڪن وقتن ۾ پاڻ پنهنجي زبان وحي ترجمان سان فرمائيندا هئا تہ:

انبار وڏو ئي هٿ آهي پر قريندڙ ڪونهي!

۽ ڪڏهن ڪڏهن فرمائيندا هئا تہ: **گهرون ٿا گهورين پر پلو جهليندڙ ڪونهي!**

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل6: پاڻ ڪن وقتن ۾ هي فارسي بيت فرمائيندا هئا ته:

چونکہ گل رفت وگلستان شد خراب
بوئے گل را از کہ جوئیم از گلاب

يعني: جڏهن گل هٿان ويو ۽ باغ ويران ٿي ويو ته پوءِ گل جي خوشبوءِ کٿان بہ نہ ملندي، مگر گلاب جي عرق مان حاصل ڪري سگهبي.

اي عزيز! گل مان مراد آهي عارف ڪامل ۽ سندس خوشبوءِ مان مراد آهي انهي عارف جي محبت جي لذت ۽ گلاب جي پاڻي مان مقصد آهي انهي ڪامل جي ملفوظات يعني ڳالهايل نڪتا، مطلب ته عارف ڪامل جي گذري وڃڻ کانپوءِ سندس ملفوظات مان ان جي محبت جي لذت حاصل ڪري سگهجي ٿي،

انهيءَ ڏي ئي حديث شريف ۾ اشارو آهي ته "سُؤْرُ الْمُؤْمِنِ شِفَآءٌ" يعني مومن ڪامل جي اوبر جنهن مان مقصد آهي ته سندس سڪ ۽ محبت پيدا ڪندڙ گرفتار انهن طالبن لاءِ شفا آهي، جيڪي سندن فرمودن تي محڪم ۽ عمل ڪرڻ لا چست ٿي بيهن ٿا، ڇو ته سندس ڪلام فيض نظام سان انهن طالبن جي دل مان دنيا جي محبت واري بيماري جنهن لاءِ "رَأْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ" جو حڪم آيل آهي ۽ بين نفساني ۽ شيطاني خطرن جي بيماري نڪري وڃي ٿي.

نقل7: هڪڙي فقير ڳالهه ڪئي ته هيڪر آئون بين فقيرن جي جماعت سان گڏجي درگاهه مبارڪ تي ويو هوس، پوءِ جڏهن سندن حضور مبارڪ ۾ آياسون تڏهن پاڻ هي سنڌي بيت فرمايائون:

جان جان جوءِ نہ پسن جنهن لاءِ جوڳي ٿيا
تان تان ڪاپڙين ورهه، وهامي راتڙي

انهيءَ بيت جي ٻڌڻ سان جماعت ۾ وجد ، جوش ۽ روچ پئجي ويو.

نقل8: جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر سندن حضور پرنور ۾ وينا هئاسون، پاڻ قاضي قادن ﷺ رهندڙ بکر جو نقل بيان فرمايائون ته قاضي قادن ﷺ چوندو هو ته جيڪو مون وٽ اچي ته آئون ڪيس الله تعاليٰ جلشانہ ڏيڪاري ڇڏيان، پوءِ هڪڙي ڏينهن شهر جا قاضي ۽ ٻيا عالم پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪيائون ته هي شخص قادن هميشہ پيو ٿو دعويٰ ڪري ته جيڪو مون وٽ اچي ته آئون ڪيس خدا تعاليٰ ڏيڪاريان، سندس اها دعويٰ بيهودي ۽ ڪوڙي آهي، تنهن ڪري اچو ته اسين سڀئي وٽس گڏجي هلون ۽ چئونس ته اسان کي الله تعاليٰ ڏيڪاري ۽ پوءِ جي ڏيڪارياٽين ته واهه نہ ته تعزير شرعي ڏيونس، نيٺ اها صلاح ڪري مڙئي گڏجي قاضي قادن وٽ آيا ۽ ڪيس چيائون ته تون جو چوين ٿو ته الله تعاليٰ عزا سمہ ڏيڪاريندس سو اسين تو وٽ آيا آهيون، اسان کي خدا تعاليٰ ڏيکار، قاضي صاحب چيو ته هائو اوهان کي الله جلشانہ ڏيڪاريندس، پر اڄ رات مون وٽ ترسو ۽ منهنجي دعوت

کائو ۽ پوءِ صبح جو سوير اوهان کي الله سائين جلشانہ ڏيکاري ڇڏيندس، هو سيئي قاضي صاحب جي دعوت قبول ڪري رات وٽس رهي پيا. قاضي کين هڪڙي سوڙهي ڪوني ۾ اچي ٽکايو ۽ نهايت عمدا مڪلف طعام گرم مصالحي سان تيار ڪرائي آڻي کين ڏنائين، جڏهن انهي کاڌي مان ڪجهه واپرايائون تڏهن اچي اڄ لڳن ۽ قاضي صاحب کان پاڻي جي طلب ڪيائون، قاضي صاحب چين ٿه توهين ماني کائو پاڻي ٻه اچي ٿو، هنن ائين ئي پاڻي پي گهريو ۽ قاضي صاحب اهو پئي جواب ڏنو ٿه کائو کائو پاڻي ٻه اچي ٿو، نيٺ جڏهن کائي ڏئو ڪيائون ۽ پاڻي ڪو نہ آيو، تڏهن قاضي صاحب چيو پلا آئون پاڻ وڃي ٿو پاڻي ڪڍي اچان، ائين چئي ٻاهر نڪتو ۽ ويڙ مهل ٻاهران در جو ڪڙو ڏئي کين ڪوني ۾ بند ڪري وڃي گهر ويهي رهيو.. هنن ويچارن جو نهايت عمده مڪلف گرم طعام ڏؤ ڪري کاڌا هئا ۽ وري سوڙهي جاءِ ۾ ٽکيا هئا، تنهن ڪري مٿن اڄ ڏاڍو غلبو ڪيو، پوءِ جڏهن لاچار ٿي اتي سمهي پيا، تڏهن ساري رات پاڻي جي ڊڪ ڏوڙ ۾ لڳا رهيا ۽ خواب ۾ ڪي درياهه مان ٽٻيون هنيون پيا پاڻي پيئن ٿه ڪي کوهه مان ،ڪي حوض ۾ وڃي ڪريا، ڪن تلائن ۾ غوطا وڃي کاڌا، ساري رات انهي پريشاني ۾ گذري وين، جڏهن ڏينهن ٿيو ۽ قاضي صاحب سندن دروازو اچي کوليو، تڏهن سڀني دانهن ڪري چيس ته قاضي صاحب ! اسان کي واهه جو الله جلشانہ ڏيکاريو اٿئي! قاضي صاحب چين ٿه تڏهن رات جو خواب ۾ ڇا ڏٺو؟ چيائون ته ساري رات پاڻي پي ڏٺوسين، ٻيو ڇا ڏٺوسين؟ پوءِ هر هڪ پنهنجو خواب ٻڌائي ويو، قاضي صاحب چين ٿه اي بي سمجهئو، توهين رڳو هڪڙي رات پاڻي لاءِ اجارا ٿيا آهيو ته ساري رات پاڻي پي ڏٺو، پوءِ جيڪي ساري عمر خدا تعاليٰ عزا سمہ جا اجايل سڪايل آهن، سي ڪيئن نہ الله سبحانہ و تعاليٰ ڏسي سگهندا؟ اهو جواب ٻڌي مڙئي پشيمان ۽ لاجواب ٿي پنهنجن گهرن ڏي موٽي ويا.

آگم ڪيو اچن سڃڻ ساوڻ مينهن جان،
پاسي تن وسن جي سپ جماندر سڪيون.

نقل9: غلام محمد فقير نظاماڻي رهندڙ ديهه سومري فقير نظاماڻي جو اها ديهه پرڳڻي نصرپور جي طرف گهلو جي ڊڪ سان آهي، سو فقير نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ درگاهه مبارڪ تي جماعت سان وينا هئا ۽ ڳالهين هلندي منهن مبارڪ راڄي فقير نظاماڻي ڏي ڪري فرمايائونس ته اي راڄا ! تون نظاماڻي فقيرن جي قوم مان سڀني کان اڳي مريد ٿيو هئين ٻه تو کان پوءِ مريد ٿيل تو کان وڌيڪ فيض وارا ۽ بهره ور ٿي ويا آهن ۽ تون طلب جي ڪوشش نہ ڪرڻ پاران پوئتي پئجي ۽ خالي رهجي ويو آهين، انهي کان اڳ مجلس ۾ صوفين جي جماعت ۾ جيڪي منافق هوندا آهن تن بابت گفتگو پئي هليو، راڄي چيو ته حضرتا! تڏهن آئون منافق ٿي ويو آهيان؟ پاڻ فرمايائونس ته اي راڄا! جن منافقن بابت اسين گفتگو پيا ڪيون،جيڪڏهن ڪو اهڙو منافق ٿي پوي ته ٻه ڏاڍو چڱو! پوءِ انهي تي مثال بيان فرمايائون ته جيڪڏهن اٽ کي ڪٽڪ جي پوک ۾ ڇڏي ڏبو ته پوک نہ کائيندو بلڪ ان کي پيرن سان

لتاڙيندو وتندو، باقي انهي پوک مان ڪانڊيرن کي نِوڙيو پٽيو پيو ڪائيندو.

نقل10: صديق فقير حجام رهندڙ ديهه تلهار جو، جو اها چاچڪن جي پرڳڻي ۾ گوني واهه جي ڀڪ سان هڪڙي ديهه آهي، سو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ ٽنڊي قيصر فقير نظاماڻي جي ۾ لڏل هئا ۽ آئون به اتي خدمت اقدس ۾ حاضر هوس اتي خليفن جي مريدن مان گهڻا موجود هئا ۽ کين ڏاڍو وجد پئي ٿيو، پاڻ انهن ڏانهن نهاري فرمايائون ته اي فقيرؤ! توهين خليفن کي ڏسي وجد ٿا ڪريو ۽ خليفا اوهان جي وجود کان راضي ۽ خوش پيا ٿين ۽ سمجهن ٿا ته اسان خدا تعاليٰ کي لهي ورتو آهي، پر هنن کي عارف جي ترار مان ايڏا ٿورڙو ڦٽ پهتو آهي ۽ انهي ڦٽ بوءِ ڪڙي ڪئي آهي، جنهن تي مڪين جو انبوهه اچي مڙيو آهي مگر جيڪڏهن عارف جي اها ترار ڪنهن جي سيني مان لنگهي پوي ته هوند شيءِ ئي ٻي ٻڌجي وڃي.

ڪنهن بزرگ فرمايو آهي:

جگر شير نداری سفر عشق مکن
سبزه تيغ زين ره زکمری گزرد

يعني: شينهن جو جگر نه هجئي ته عشق جو سفر نه ڪج، چو ته هن ترار جي ساول چيلهه کان مٿي لنگهي وڃي ٿي.

نقل11: پاڻ فرمائيندا هئا ته اي پائرو! اڄ جيڪڏهن ڪو ڪرٽو هجيو ته ڪري وڻو، چو ته هن وقت ڪوشش سان ٿي پوندو، پر سپاٽي ڪوشش سان به کين ٿي سگهندو.

اي عزيز ! انهن لفظن سان پاڻ پنهنجي حضور پر نور ڏانهن اشارو فرمايو اٿن، چو ته سندن وجود مسعود هن عالم عامي ۾ نسبت تمام پي رکي، پوءِ جنهن به رابطي جي اتحاد سان ڪوشش پئي ورتي ته ٿورڙي وقت ۾ دولت عظميٰ حاصل ڪري پئي ورتائيون، پر ان ڪانپوءِ پاڻ برقعو مٽايائون ۽ هن فاني جهان کان ارتحال فرمايائون ته پوءِ اها بي نظير دولت هٿ مان هلي وئي:

چونکه گل رفت وگلستان شد خراب
بوئے گل را از که جوئيم از گلاب

يعني: جڏهن گل هٿان ويو ۽ باغ ويران ٿي ويو ته پوءِ گل جي خوشبوءِ ڪٿان به نه ملندي، مگر گلاب جي عرق مان حاصل ڪري سگهبي.

نقل12: پاڻ فرمايائون ته ڳولا ڪولا اهو ماٹهو ڪندو آهي، جنهن کا شيءِ وڃائي هوندي آهي، اهڙو ماٹهو سڀ ڪنهن کان پيو پڇائون ڪندو ته پوءِ جتي به سندس ڏس پوندو آهي ته اتي وڃي ان کي ڳولیندو، تيستائين هرگز آرام سان نه رهندو، جيستائين اها شيءِ هٿ نه اچيس، پوءِ انهيءَ تي سنڌي

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بيت ۾ فرمايائون:

جان جان جوءِ نہ پسن، جنهن لئہ جوڳي ٿيا
تان تان ڪاپڙين ورهہ وهامي راتڙي

نقل13: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو تہ هيڪر آئون درگاهہ مبارڪ تي حاضر هوس تہ هڪڙي فقير حضور ۾ 'نفي اثبات' جي شغل بابت ڪنان پڇان ڪئي؟ پاڻ ان تي ڏاڍو خوش ۽ فرحتناڪ ٿياءِ ڪيس ڪمال توجهہ ۽ مهرباني سان 'نفي اثبات' بابت سمجهايائون تہ سالڪ کي ڪپي تہ پاڻ کي نفي ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ کي اثبات ڪري ۽ ان جو تعداد بہ ڪيس ٻڌايائون. اتي مون خدمت مبارڪ ۾ عرض گذاريو تہ حضرتا! مون جنهن کي پهريان نفي ڪيو هو تنهن کي وري اثبات ڪيو اٿم.. پاڻ فرمايائون تہ هائو ائين آهي، پر هن جو مقام اهو آهي تہ انهي وچ ۾ بي هڪڙي شخص چيو تہ انهيءَ معاملي جي پڇڻ جو ڪو ڪهڙو سود؟ انهي تي پاڻ جوش ۾ آيا ۽ فرمايائون تہ جنهن کي وات سان هلڻ جو خيال هوندو تہ اهو ضرور پار پتا پڇندو ۽ جنهن کي اصلي سلوڪ واري وات سان هلڻ جو ئي خيال نہ هوندو تہ اهو پڇا نہ ڪندو.

پڇن سي پسن، جڏهن تڏهن پرين کي
ڏورينديون ڏسن، اڳڻ عجيبن جا.

پيو تہ:

بپائی طلب رہ بدیجا بری
وزین جا ببال محبت پری

يعني: طالب ۽ ڪوشش وارن پيرن سان پنڌ ڪري عشق واري ميدان ۾ پهچندين ۽ اتان وري محبت جي ڪنين سان متي اڏامي وڃي حضور ۾ حاضر ٿيندين.

نقل14: حافظ محمد فقير ڪهنگر فقير نقل ڪري ٿو، پاڻ مخدوم سرور نوح ﷺ جي ڳالهہ بيان فرمايائون تہ مخدوم صاحب پنهنجن مريدن کي حڪم فرمائيندو هو تہ سومهياڻي نماز بعد بر ۾ جدا جدا اڪيلا وڃي مراقبي ۾ مشغول ٿيندا ڪيو ۽ سڄي رات مراقبي ۾ گذاري صبح جو نماز وري مسجد ۾ اچي جماعت سان گڏجي ادا ڪيو. مريد سندن حڪم موجب اهڙي طرح مشغول ٿيا. پوءِ هڪڙي ڏينهن مخدوم صاحب جن مسجد شريف ۾ وينا هئا ۽ فقيرن جي جماعت جهنگل کان موٽي آيا ۽ مخدوم صاحب سندن جتيون پاڻي ۾ پسيل ڏسي پڇيائون تہ وات تي توهان جي لنگهہ ۾ ڪو پاڻي آهي ڇا؟ جو توهان جون جتيون پاڻي ۾ پسيل پيون ڏيکاريجن. عرض ڪيائون تہ حضرتا! وات تي پاڻي ڪو نہ آهي، پر ماڪ ڏاڍي ٿي وسي، جنهن ڪري اسان جون جتيون پسي پون ٿيون. مخدوم صاحب رضی اللہ عنہ جن انهي وقت هي سنڌي بيت فرمايائون:

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پئي جا پرپات سا ماڪ ۾ پانيو ماٺهوئا
روئي چڙهي رات ڏسي ڏکوين کي

حضرت مرشد معظم قدس سرہ جن فرمائيندا هئا ته جڏهن رات پوري اچي ٿيندي آهي، تڏهن الله تعاليٰ جي طالبن جي فراق ۾ روئيندي ويندي آهي، ماٺهو ان کي ماڪ ٿا چون. مگر اها ماڪ حقيقت ۾ رات جا ڳوڙها آهن، جي طالبن جي جدائي کان ڳاڙيندي ويندي آهي، طالب کي به کپي ته ساري رات سجاڳ رهي ۽ هڪ گهڙي به غافل نه ٿي سمهي.

ايں راہ طلب منزل آرام ندارد

يعني :محبوب جي طرف پنڌ ڪندڙ مسافر کي وات ۾ ڪنهن به منزل تي آرام ڪو نه هوندو آهي.

نقل15: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون درگاهه مبارڪ ۾ حاضر هوس ته هڪڙو فقير مٽي ۽ پيرين اگهاڙي مست ديوانگي جي حالت ۾ خدمت شريف ۾ آيو ۽ قدمبوسي کان مشرف ٿي حضور ۾ وينو رهيو، ڪجھ دير کان پوءِ عرض ڪيائين ته حضرتا! مون کي ڪنگهه ۽ ليس ڏاڍو هلاڪ ڪيو آهي.پاڻ فرمايائون ته واهه جا توهان جي فقيري ۽ هستي آهي، جو مٽي ۽ پيرين اگهاڙو ۽ پنهنجي گهر تڙ کان به بيزار ٿئين ته به ايا خدا تعاليٰ کي نه سڃاتئي، جو اهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين، ائين سمجهه ته محي ۽ ممیت ڪنهن جي صفت آهي؟

نقل16: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن هڪڙي ڏينهن اسان سيني پائرن کي فرمايائون ته توهين مينهن پٽارين جي ڪا پرگهور نه ٿا ڪيو ۽ اهي مسڪين گاهه نه ملڻ ڪري بک جي وگهي پيون ٿيون ڪرن ۽ مرن، جيڪڏهن توهان ۾ توڪل ڏسون ها ته هڪ ڏور به کهڻ ڪانسواءِ ڪو نه ڇڏيون ها.

نقل17: پاڻ فرمايائون ته حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن فرمائيندا هئا ته جڏهن اسان سائيدي جي ڳوٺ ۾، جو اسان جو اصلي وطن آهي، رهندا هئاسون، تڏهن اسان جي روش ۽ مقرر عادت هوندي هئي ته نماز جي پنجن وقتن ،تهجد ، اشراق ، شب خيزي ، وردن ، صلوات شريف ۽ ٻين اهڙن ڪمن ۾ وڏي پابندي ۽ ڪوششن سان مشغول رهندا هئاسون، جيئن ته تهجد نماز مسجد شريف ۾ وڃي ادا ڪندا هئاسين ۽ تهجد ڪانپوءِ وظائف جي شغل سان رهندا هئاسين ته پرهه اچي ڦٽندي هئي، پوءِ اٽي سنت فجر جي ادا ڪري وري درود شريف جي مشغولي ڪندا هئاسون، تنهن ڪانپوءِ نماز فجر جي ادا ڪري وري اشراق جا نفل به اتي ئي ادا ڪري پوءِ مسجد شريف کان ٻاهر نڪرندا هئاسون ۽ الله تعاليٰ جل شانه جو شڪرانو ادا ڪندا هئاسين ته الحمدالله جو وري به پنهنجي عبادت جي صلاحيت ۽ توفيق عطا فرمائي اٽس. پوءِ نڪرڻ مهل هڪڙو مٽي ۽ پيرين اگهاڙو ديوانو شخص جو مسجد شريف جي ٻاهران دونهي وجهي رات ڏينهن انهي تي وينو هوندو هو سو اسان ڏي نهاري چوندو هو ته اي بابا! هنوز دلي دور است. (اي بابا! اجا دهلي پري رهي!) اسان کي اهو بڏي عجب لڳندو هو ته هي چريو ڇا ٿو

چوي،پر جڏهن همت جو قدم مولیٰ سائين عزاسمہ جي طلب ۾ رکيوسين ۽ پوري حقيقت کان واقفيت لڏي سون. تڏهن ڄاتو سون تہ اهو چريو شخص سچ چوندو هو تہ الله تبارک و تعاليٰ جي عشق ۽ محبت کانسواءِ سڀ ڪم اجايا ۽ بيڪار آهن.

نقل18: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ ڪو هندو شخص پنهنجي ننهن يعني پٽ جي زال کي سندس پيڪين ڏي گڏجاڻي لاءِ وڃيو پئي ويو، پوءِ جڏهن اوڏاهون گڏجاڻي ڪري موٽيا، تڏهن وات تي اها عورت پنهنجي سهري کي چوڻ لڳي تہ اي سهرا!

'جيڪي نيٺ بہ ڪرٽو اٿي سو هينئر ڪري وڃ دير نہ ڪر'.

اهڙي طرح تي پيرا اهي لفظ عورت موٽائي سهري کي چيا، سهرو حيران ٿي ويو تہ هن عورت کي ڪهڙو ڪو خراب خيال اچي دل ۾ وينو آهي پر انهن لفظن جي پوري حقيقت سندس سمجهہ ۾ نہ اچي سگهي، نيٺ جڏهن سج اچي لهڻ کي ويجهو ٿيو ۽ پنڌ اجا ڇڇ ڪرٽو هون ۽ تنهن کانسواءِ وات تي ڦورن رهزنن جو ڀئو بہ ڏاڍو هو، تنهن ڪري انهيءَ هندو گڏهہ کي تکي هلائڻ لاءِ اچي سوٽين سان ورايو ۽ وڏي ڪوششن سان پنڌ ڪرڻ لڳو. تڏهن اتي انهي مهتي چيس تہ اي سهرا! مون تو کي اڳيئي پئي چيو تہ جيڪي وس ڪرٽو اٿي سو هينئر ڪري وڃ! پر تو نہ ڪيو، هينئر هن بي فائدي ڪوشش مان ڇا ورندو؟ چو تہ رات اوهين پئجي وئي، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ طالب کي بہ ڪپي تہ انهي هندو وانگر پنهنجي نفس واري گڏهہ کي ڏينهن جو يعني جوانيءَ واري وقت ۾ تڙڻ جي ڪوشش ڪري ۽ اڃوڪو ڪم سياڻ تائين نہ ترسائي ۽ روڪ کي رکت تي نہ مٽائي نہ تہ جڏهن هي جواني جي زماني وارو سج پوڙهاپ جي هيٺائي واري جبل هيٺ وڃي لٿو. تڏهن اها پراهين منزل هن ڏهرڙي گڏهہ کان هنئي نہ پڄندي، پوءِ ڪيس گهٽيون ئي ڪوشش ۽ طلب ۽ عبادت جون سوٽيون هٽندو تہ بہ پورو فائدو ڪو نہ پوندو.

جيئن تہ مولوي معنوي قدس سره فرمائي ٿو:

ہيں مکن فردا کہ فردا ہا گزشت
تا بکلی نگزرد ايام کشت

يعني: خبردار ٿيءُ ڪم سولو ڪرڻ لاءِ سياڻي نہ ڪر، چو تہ ڪيترائي سياڻا غلفت ۾ گذري ويا، متان پوڪ جي سموري مند ائين ئي سياڻي سياڻي ڪري گذاري ڇڏين.

نقل19: پاڻ فرمايائون تہ حضرت ميان صاحب قدس سره جن هڪڙي ڏينهن پنهنجي گلن جي باغيچي ۾ گهمڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ آڻون بہ سندن خدمت ۾ حاضر هئس ۽ پويان پاڻ هڪڙي ننڍي ڇڪي جي پرسان اچي وينا ۽ انهي ڇڪي جي پرسان گاهہ ڦٽو پيو هو، سو پنهنجي هٿ مبارک سان اتان پٽي پي اڇلايائون، مون بہ سندس موافقت ۾ گاهہ وينو پٽيو،انهيءَ وقت پاڻ فرمايائون تہ اي بابا!

سڪندريہ پبليڪشنز، درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جيڪڏهن هي گاهه جا تيلا جي هن چڪي جي چوڌاري ڦٽي پيا آهن، سي پٽي نه ڇڏبا ته چڪي وڌڻ ۾ ٿلهي ٿيڻ کان بيهي ويندي، اهڙي طرح طالب کي به کپي ته دل واري چڪي جي آس پاس جيڪي ماسويٰ الله تعاليٰ جا ڪک ڪهجر پيدا ٿي پون، سي پٽي صاف ڪري ڇڏي ته محبت واري چڪي وڌي وڻ ٿي وجي.

آتش عشق ارنسوزد نيستان وہم غير
درزمين دل نروید سبزه گلزار يار

يعني: عشق واري باهه سان غير جي وهم وارا ٻوڙا ساڙي صاف نه ڪبا ته پوءِ دل واري زمين ۾ دوست جي باغ واري ساوڪ ڪٿان ڦٽندي؟

نقل20: خليفو جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته طلب جي اول ڏينهن ۾ مون کي حضرت مرشد معظم قدس سره جي محبت شريف جو اهڙو ته شوق ۾ سڪ رهندي هئي جو پرانهن ۾ ولايت جي پنڌن تي ڪچ قلات وغيره تائين صحبت شريف لاءِ پيرين پيادو، بنا ٿمر سنگت جي نڪري پوندو هوس ۾ جاتي به پاڻ هوندا هئا ڏکندو ڏوڙندو وجي پهچندو هوس.

ايں راه طلب منزل آرام ندارد

هري ته ٻيلي ڪنان ساڻي پچي سڪ،
رفاقت رچ ۾ ڏونگر ڪري ڏک،
آري جو اهڪ رهنما راهه ٿيو

رڳو منهنجي والده ماجده مادري شفقت ڪري ڪڏهن چوندي هئي ته جيئن حضرت پير سائين جن اسان جي پٺ کي سرگردان ۾ بي آرام پريشان ڪري ڇڏيو، تيئن شل سندن پٺ به اهڙي طرح ٿيندا! آئون چوندو هوس ته آمين آمين.

هيتري مدت کانپوءِ هيڪر پاڻ هن عاجز جي دعوت تي اسان وٽ تشريف فرما ٿيا، جڏهن مرد عورتون سڀ اچي زيارت کان مشرف ٿيا، تڏهن اتي مون پنهنجي والده جي روبرو، سندس چيل لفظ، پير سائين جن کي ٻڌايا، تڏهن منهنجي والده حياءَ ۾ سندن هيبت کان نيزاري سان عرض ڪيو ته حضرتا! ايتري جرات جا مون کان سرزد ٿي آهي، سا بي ارادتي ۾ بي ادبي جي ڪري نه ٿي پر هي مڙئي مادري قرب ۾ شفقت ڪري لفظ نڪري ويا آهن.مهنجا ٻيا پٺ جڏهن ڏسان ٿي ته پلن گهوڙن تي سنن سنجن ۾ هٿيارن پنهوارن سان پهريا سهريا چڙهيا وتن گهمندا ۾ هي ويچارو بنا ٿمر سنگت جي اڪيلو سفر ۾ سرگردان وتي چوڌاري ڏکندو. تڏهن دل جي جوش کان اهي لفظ نڪري ويا آهن، اها گستاخي اسان کي معاف ٿئي؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته اي امان! تنهنجو ٻيو پٺ هڪڙي ڏاري عورت تي عاشق ٿيو ته پوءِ ڏٺئي ته جيستائين پنهنجي مقصود کي نه پهتو ان کي پاڻ وٽ نه

آندائين، تيستائين هرگز آرام کو نہ ڪيائين، تيئن تنهنجو هي به محبوب مقصود کي پهچي ويندو تہ پاڻهي خاطر جمع ٿيندو ، فرحت ۾ رهندو ۽ هي بي آرامي پريشاني مڙئي لهي ويندس.

نقل21: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ مسجد معظم ۾ ڪپڙ جي هيٺان تشريف فرمائي طالبن کي صحبت سان مشرف فرمايو هئائون ۽ آئون به سندن حضور اقدس ۾ حاضر وينو هوس تہ ايتري ۾ لاڙ جي طرف جا به ٻي فقير خدمت سڳوري ۾ حاضر ٿيا ۽ زيارت کان مشرف ٿيڻ بعد انهن مان هڪڙي فقير ظاهري بدن جي مرض لاءِ دوائن بابت سندن خدمت ۾ عرض گذاريو، پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ پهريان لاڙ وارن فقيرن جي جماعت جو طريقو ۽ روش هوندي هئي تہ اسان کان ڪڏهن به ظاهري بيماري جي علاج توڙي پين دنيائي ڪمن لاءِ سوال نہ ڪندا هئا، پر هنيئر انهي جي ابتڙ پيا هلن.جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ جڏهن آئون به لاڙ جو هوس تنهن ڪري سندن انهن لفظن مبارڪن ٻڌڻ شرط طبيعت ۾ جوش اچي ويو ۽ ان جي تارڻ لاءِ گهٽا حيلا ڪيم پر دفع نہ ٿي سگهيو. تڏهن خدمت ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! شايد لاڙ ۾ ٻيو ڪو ئي طبيب ڪونهي جو هتي دوائن پچڻ لاءِ ٿا اچن؟ پاڻ به وري جوش سان جواب ڏنائون تہ اي ميان! اسين سيني کي ڪو نہ ٿا چئون.سندن انهي حقيقي ڪلام فرحت نظام ٻڌڻ شرط مون کي حال ۽ وجد اچي ويو ۽ طبيعت تي اهڙو جوش غالب ٿي ويو جو انهي ڪري سموري جماعت ۾ شور ، روڄ ۽ دانهون پئجي ويون، وجد ۾ ماهي بي آب وانگر ڦٽڪڻ لڳي ويا، خصوصن قاضي محفوظ، جنهن کي وجد جي ڪڏهن بوءِ به نہ ڪانہ آئي هئي، سو دانهون ڪندو مٿان ٿي اچي زمين تي ڪريو ۽ ڪيتري مدت بي خبر ٿيو پيو هو.

نقل22: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر مون حضرت صاحبزاده مسند نشين قدس سرہ جي خدمت ۾ سندن صاحبزادگي وارن وقتن ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! جناب مرشد مڪرم قدس سرہ جن جي مرضي مبارڪ کي مقدم سمجهي دنياوي اسباب ۽ ڪمن کي بلڪل ترڪ ڏيو ۽ پنهنجي توجهه جو منهن سندن حضور اقدس ڏانهن فرمايو تہ ڏاڍو چڱو، چو تہ ان ڪري پاڻ اوهان کان بلڪل گهٽو خوش ۽ راضي ٿيندا، صاحبزاده سڳوري اهو ٻڌي روئي ڏنو، مون کان به ڳوڙها وهي پيا ۽ پوءِ فرمايائون تہ اي مهربان خليفا! جيڪي تو چيو سو واقعي سچ ۽ برحق آهي ۽ سمجهان ٿو تہ تون هي مڙوئي اسان جي دلجوئي ۽ شفقت خير خواهي ڪري پيو چوين، پر ادا سپ کو ڪم پنهنجي وقت تي موقوف آهي، جيئن تہ حديث شريف ۾ آيو آهي تہ:

كُلِّ اَمْرٍ مَرْهُوْنٌ بِاَوْقَاتِهَا

يعني: سيڪو ڪم پنهنجي وقت سان ٻڌل آهي.

توڪل جي طاقت ۽ همت ڪانسواءِ اسباب کي ڇڏي ڏيڻ خاص ڪري رڳو طمع ۾ پوڻو آهي، چو تہ اسباب جي نہ هجڻ ڪري ضرور دنياوي لاچاري احتياج لاءِ يا تہ حضرت مرشد سائين ۾ طمع رکڻي پوندي يا وري خلق ۽ ۾ طامع تي پونداسين ۽ انهي حالت ۾ طالب مولیٰ جي نعمت کان محروم

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

۾ فيض باطني کان مايوس ٿي پونداسين، باقي توهان جو دنيا جي لذتن کي بلڪل ترڪ ڏئي ڇڏيو آهي، سو اها همت بہ ڪو توهان جي ڪوشش ۾ سعي جو نتيجو ڪو نہ آهي ، بلڪ هي بہ الله تعاليٰ جو عطيو ۽ بخشش آهي، جا اوهان تي مالڪ سائين عز اسمہ ئي پلائي ڪئي آهي. مون سندن اهو فرمودو سمورو حضرت مرشد معظم قدس سره جي خدمت ۾ عرض رکيو، پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ اي خليفا! جيڪي والد جا پٽ تي حق هوندا آهن، سي مڙئي انهي صاحبزادي بجاءِ آٽي ڇڏيا آهن ۽ خدمت جي پاران ڪو بہ خدمت جو حق پوئتي نہ رهايو اٿس، تنهن ڪري سمجهي ٿو تہ مون پير کي راضي ڪري ڇڏيو آهي، پر اسين رڳو ظاهري خدمتن ۽ حقن جي ادا ڪرڻ سان خوش ڪو نہ ٿا ٿيون، بلڪ اسان جي رضا ۽ خوشي تہ هن ۾ آهي جو پنهنجي توجهہ جو منهن بلڪل مولیٰ سائين ڏانهن ڪري همت جو ڪمر بند ساهہ جي چيلهہ تي محڪم ڪري ٻڌي ۽ چئون ٿا تہ جيڪر پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي اولاد مان ڪنهن کي الله تعاليٰ جي طلب ۾ سرگرم ڏسون، سو اسان جي مرضي، مراد ۽ خوشي رڳو انهي ۾ آهي ۽ بس.

نقل23: پاڻ فرمايائون تہ جيئن ننڍو ٻار ڦرهي کي اڳين حرفن کان ميساري صاف ڪري ايندو آهي، پوءِ استاد ڪيس ان جي عيوض ٻيا حرف لکي ڏيندو آهي،تهڙي طرح طالب مبتدي کي بہ ڪپي تہ پنهنجي دل واري ڦرهي کي بداخلاقن ۽ خراب عادتن ۽ خيالن کان مهٽي صاف ڪري پوءِ مرشد مڪرم جي حضور ۾ حاضر ٿئي تہ پوءِ جلد غيبي فيوضات کان بهره ياب ٿي پوندو.

نقل24: خليفو جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ حضرت مرشد مربي مڪمل جي حضور ۾ منهنجي پهريان مشغول ٿيڻ جو احوال هن ريت آهي تہ هيڪر پاڻ لکڻ جي ڏيهہ ۾ جو پرڳٽي پٽن، تعلقن چاچڪن ۾ اها هڪڙي ڏيهہ آهي، دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا ۽ مون کي مشغولي جو خيال هڪڙي واقعات جي ڪري دل ۾ اڳيئي هو، پوءِ ان وقت عثمان فقير وٽ ويس، اهو فقير حضرت حقائق و معارف آگاهہ ولايت و ڪرامت دستگاهہ صاحب قلب سليم شاهہ عبدالڪريم قدس سره جنهن جو روضو مبارڪ بلڑي پرڳٽي بهرام پور ۾ آهي، تنهن جي طريقي سان سان منسلڪ هو ۽ مون سان سندس دوستي ۽ هم صحبتي هوندي هئي، انهي ڪري آئون وٽس ويس ۽ پنهنجي دل جو خيال ساڻس بيان ڪري موڪل جي طلب ڪيم، فقير عثمان چيو تہ مون کي اوهان مان ماني ڪپڑي کانسواءِ ڪو بہ نفعو ڪونهي، تنهن ڪري پنهنجي دنياوي لالچ ڪري اوهان کي الله تبارڪ و تعاليٰ جي طلب کان ڪو نہ جهليندس، چو تہ درياءَ لهرين واري ۾ ردِ جي پڇ ونڊ مان ڪو فائدو ڪونہ ٿيندو. بلڪ نہ هن پر ٿيندو نہ هن پر! تنهن ڪري اوهان کي سندن طريقي مبارڪ ۾ داخل ٿيڻ جو خيال آهي تہ پلي وڃي داخل ٿيو، پوءِ آئون موڪلائي لکڻ ۾ آيس، پاڻ مخدوم محمد مقيم رحمۃ اللہ علیہ جي مسجد ۾ وينا هئا، اتي زيارت کان مشرف ٿي عرض ڪيم تہ حضرتا! جيڪي بہ بدعتي ڪم ۽ بداخلاقيون ۽ بچڑا افعال ٿيندا آهن، سي سڀ هن عاجز ۾ موجود آهن، جيڪڏهن اهڙي حال سان هن ٻانهي کي قبول فرمايو تہ وڏو احسان؟ پاڻ ان تي ڏاڍو راضي ٿيا ۽ پنهنجي ڪريمانہ عنايتن سان مريدن جي قطار ۾ شامل فرمايائون، پوءِ آئون

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

رخصت ياب ٿي موتي ڳوٺ آيس، جڏهن پاڻ اتان وري اڳتي دعوتن ونڻ جي ارادي سان متوجهه ٿيا ۽ غلام حيدر لغاري جي ڳوٺ ۾ سائيندداد ٽالپر جي ڳوٺ مان فقيرن جون دعوتون ونندا وات تي نظاماٽي جلواٽي فقيرن کي مريد فرمائيندي ديهه کهاري واقع پرڳٽي ڏڪ ۾ اچي نزول فيض شمول فرمايائون، اتي مون سيد احمد شاهه کي روانو ڪيو ته فقيرن جي جماعت کي جي حاجي ابو طلحه ساڻ گڏيا پئي ويا، ديهه ڪاٺ ٻانيٽ پرڳٽي ڏڪ مان وڃي ونڻي آيو ۽ سيد جمال شاهه کي دعوت جي اجابت لاءِ حضرت مرشد مڪرم جي خدمت ۾ ڏياري موڪليم جيئن ته شاهه صاحب حضور جن کي دعوت ڪري ديهه ڪڙئي ۾ جو اها ديهه پرڳٽي ڏڪ ۾ آهي ۽ منهنجو مسڪن به اتي آهي ونڻي آيو، سندن تشريف آوري سان منهنجي دل کي جا خوشي ۽ بي انداز فرحت حاصل ٿي سا لکڻ کان ٻاهر آهي. نيٺ قدمبوسي کان مشرف ٿيڻ بعد دعوت جي خدمتن ۾ مشغول ٿياسين، پوءِ جڏهن پاڻ اتان وري اڳتي ڳوٺ زري واقع پرڳٽي جاتي ڏانهن هلڻ جي تياري ڪيائون، تڏهن انهي تياري مهل مون کي دل ۾ خيال آيو ته سائين جن کي اڄ لڳي آهي، تنهن ڪري يڪدم گهر وڃي مصري جو شربت تيار ڪري حضور ۾ ڪٽي آيس ۽ عرض ڪيم ته حضرتا! شربت قبول پوي ته حاضر آهي ! پاڻ زبان مبارڪ سان فرمايائون ته قبول آهي، مون شربت وٺي ۾ وجهي حاضر ڪري ڏنو، پاڻ ونڻي سمورو پيتائون ۽ پيئڻ جي وقت پنهنجي نظر ڪيميا اثر هن ٻانهي ڏانهن ڪنيائون، انهي نظر مبارڪ ۾ جيڪو ڏيٽو هون، سو مجملاً هن عاجز جي دل تي عطا ڪري ڇڏيائون، انهي پيري منهنجي سپني عزيزن قريبن کي دست بيعت به فرمايائون ۽ مون کي خطاب ڪري فرمايائون ته هن ڳوٺ ۾ ڪل پنج سئو ماڻهو نوان مريد مشغول ٿيا آهن، ان ڪانپوءِ پاڻ اڳتي اسريا ۽ آئون به سندن رڪاب فيض انتساب سان گڏ هوس جڏهن پاڻ راهن جي ديهه کان اچي لنگهيا جا پڻ ڏڪ جي پرڳٽي ۾ آهي، تڏهن اتان جي ماڻهن کين دعوت ڪري رات اتي ٽڪائي وڏو ۽ سهڻي ماڻهو طريقي مبارڪ ۾ داخل ٿيا ۽ گهوڙن جي گاهه داڻي توڙي فقيرن جي ڪائڻ پيئڻ جي ڏاڍي خدمت بجا آندائون ۽ پيا به گهٽا ماڻهو اتي نوان مريد اچي ٿيا، پاڻ اتان وري تهجد جا نفل پڙهي رڙي ڳوٺ ڏي روانا ٿيا، انهي وچ تي مون کي پوئتي موڪلائڻ جو خيال به گهٽو هو، پر سندن محبت جي ڦاهي ۾ دل اهڙي ته قابو ٿي وئي هئي جو موڪلائڻ جي طاقت نه پيو ساريان. اڏ پهر ڪن ڏينهن جو چڙهي آيو هو جو رڙي جي ڳوٺ آياسون، اتي خليفي ميان بخش علي ٽالپر مون کي چيو ته حضرت مرشد مڪرم قدس سره جي ظاهري صورت دل جي فڪر سان نظر ۾ رک، تڏهن مون صورت مبارڪ جو تصور دل ۾ رکيو ۽ اڃا ڪلاڪ ڪن مس دل جي فڪر سان نظر ڪيم ته انهي وچ ۾ منهنجو هوش ۽ عقل گم ٿي ويو ۽ سڪر جي حالت غلبو ڪري وئي، پاڻ رات اتي ٽڪيا ۽ صبح تي ڏينڊي جي ڳوٺ ڏانهن موٽيا ۽ پهرڪن ڏينهن چڙهيو هو جو پاڻ ديهه ديره شاهه ۾ اچي پهتا، جا پڻ ڏڪ جي پرڳٽي ۾ آهي، اتي مون کي سڪر ۽ حالت اهڙو غلبو ڪيو جو اختيار جي واڳ هٿان نڪري وئي ۽ گهوڙي جي هڪلڻ جي به خبر ڪا نه پئي پوي، تنهن ڪري پيو هڪڙو فقير منهنجي گهوڙي جي لغام مان ورتيون

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پي آيون، تان تہ پاڻ فتح پور جي ديهہ ۾ آيا، اتي ٻہ گهٽا ماڻهو نوان مريد ٿيا، اتان هلي کورواهہ ۾ پهتا، جا ڪالهي جي پرڳٽي مان هڪ ديهہ آهي، پاڻ رات اتي ترسيا ۽ صبح جي وقت پاڻ حجم کان سنوارت ٿهرايائون، مون کي ان وقت ڏسڻ شرط اهڙو تہ سڪر ۽ حالت جو غلبو ٿي ويو جو لکڻ جي حد کان ٻاهر آهي، جيئن تہ منهنجو اٿڻ ويهڻ سائين جن جي پويان ئي پويان پي ٿيو، پوءِ پاڻ اتان وري سوار ٿي ڳوٺ وندي ۾ سيد محمد حافظ شاهہ جي دعوت تي آيا، سيد سڳورو مٿيون وقت جي فاضلن مان هو، پاڻ ٻہ پهرو اتي ڪيائون ۽ اتان وري رات کوکرن جي ديهہ ۾ نزول فيض شمول فرمايائون، ان وقت مون کي اهڙي حالت هئي جو وجد جي زور ۾ حضرت مرشد ڪريم تي الله تعاليٰ جلشانہ جو لفظ پي چيم، اتي ظاهري علم جا عالم ٻہ تمام گهٽا هئا، پاڻ مون کي وضوءَ سارڻ وقت گهرائي فرمايائون تہ ائين نہ چوندو ڪر، مون عرض گذاريو تہ حضرتا! جيئن چوان ٿو ائين نہ آهي ڇا؟ فرمايائون تہ هائو آهي، پر زبان ساڻ چوڻ نہ ڪپي، مون وري خدمت سڳوري ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! انهيءَ چوڻ جي وقت هن ٻانهي جو ڪو اختيار ڪو نہ هوندو آهي، پاڻ فرمايائون تہ بي اختياري آهي تہ پوءِ ميار کا نہ آهي، اتان وري اڳتي روانا ٿي ديهہ ڪاتيار جي ۾ آيا، مون کي وجد ۽ حالت غلبو ڪندو ويو تان تہ ڪپڑن يا جاءِ وغيره جو هوش ڪو نہ رهيم، بي اختيار وٽن تي ۽ تنبن جي تختن وغيره تي چڙهي پي ويس ۽ اکين مان پاڻي ڳڙ ڳڙ ڪري پئي اڙهو، اتان ديهہ سيد پور ۾ ان کانپوءِ وري ٽنڊي بهادر خان نظاماڻي ڏانهن روانا ٿيا، ان وقت تہ اهڙو حال ٿي ويم جو گهوڙي جي سواري هٿيار ٻڌڻ وغيره سپ هٿان نڪري ويا ۽ وجد جي وقت ۾ سپ ڪپڑا ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيم، تماشبين ماڻهو کوڙ اچي گڏ ٿيا ۽ حيرت سان مون کي اچي پيا ڏسن تہ هن فقير کي الائي جي ڇا ٿي ويو آهي، جو هيئن ڪپڑا ڦاڙيو پيو اڇلائي، پوءِ پاڻ جڏهن نورائي ڏانهن روانا ٿيا، تڏهن وات تي هڪ نقل بيان فرمائي جنهن ۾ عورتن جي بيوفائي جو بيان هو ۽ پوءِ هي بيت فرمايائون:

چون نقش وفائے عہد بستند
برنام زنا ن قلم شکستند
زن دوست بود ولے زمانے
تاجز تو نيافت مہربانے
چون در بر ديگرے نشيند
خواہد کہ ترا دگر نہ بيند
برزن ايمن مشو کہ زن کاہ ست
بردش باد ہر کجا کہ راہ ست

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

زن چو انگور طفل بے گناه ست
خام سرسبز پخته روسیه ست
مشو بر زن ایمن که زن پارسا ست
که خربسته به گرچه دزد آشناست

اي عزيز ! انهيءَ نقل بيان ڪرڻ مان سندن غرض هي هو تہ طالب کي جيڪا بہ شيءِ محبت ۽ طلب جي واٽ ۾ ٿوري بہ رڪاوٽ ۽ رنڊڪ وجهي تہ انهي بادشاهہ وانگر بلڪل محو ۽ نفي ڪري ڇڏجي، پوءِ توڙي اها روڪيندڙ شيءِ پٽ هجي يازال يا پيءُ ماءُ يا دنيا دولت، جي نہ تہ پوءِ: ”اَنَا غَيُوْرٌ وَاللّٰهُ اَغْيَرُ مِنِّیْ“ جي حڪم موجب دوست جي عتاب هيٺ اچي ويندو.

جيئن تہ انهيءَ بابت سندن فرمايل حضرت خواجہ ابراهيم ادهم قدس سرہ جو نقل بہ شاهد آهي تہ حضرت خواجہ صاحب موصوفکي ڇڏهن الله تعاليٰ جلشانہ جي طلب جو شوق پيدا ٿيو. تڏهن پنهنجي سموري بادشاهيءِ مال ملڪيت کي ترڪ ڏيئي مولا سائين عزاسم جي طلب ۾ همت جو قدم وڌايائون. پوءِ نڪرڻ مهل پنهنجن اهلين سڳورن کي حمل جي حالت ڇڏي آيا هئا. گهڻي مدت کان پوءِ ڇڏهن حضرت خواجہ صاحب جن وڏي ڪمال کي پهتا ۽ صاحب طريقت جا ٿيا، تڏهن پنهنجن مريدن جي جماعت سميت مڪي شريف ۾ اچي رهڻ لڳا. پوئتان سندن حرم خاني ۾ پٽ ڄائو، وڏو ٿي بادشاهي تخت تي ويٺو ۽ ديني علم جي تحصيل ڪري وڏو جيد عالم ۽ حافظ ٿيو.

هيڪر پنهنجي والده ماجده کان حضرت خواجہ صاحب جن جو مڪي شريف ۾ رهڻ بابت حال ٻڌائين، جنهن ڪري سندس اندر ۾ پيءُ جي محبت جو جذبو پيدا ٿيو ۽ بخارا ملڪ مان جو سندس وطن هو، چئن هزارن ماڻهن سميت حج جي ارادي سان مڪي شريف منجهہ اچي وارد ٿيو. خواجہ صاحب جو مريدن کي امر ٿيل هو تہ طواف جي وقت، جو زالون مڙس توڙي لاسيار نينگرا سپ اچي گڏ ٿيندا آهن، تنهن ڪري توهان کي ڪپي تہ زالن ۽ لاسيار نينگرن ڏانهن نہ نهارجو، بلڪ پنهنجي مولا پاڪ جي ياد ۾ محو ٿيا پيا طواف ڪجو. جڏهن پاڻ بيت الله شريف جي طواف ۾ مشغول ٿيا،تڏهن اتفاق سان خواجہ صاحب جو نينگرا بہ طواف ۾ حاضر هو، خواجہ صاحب کي پڏري محبت جو جذبو پيدا ٿيو، جنهن جي ڪري ہہ تي پيرا ڏانهنس نظر ڪٽي نهاريائون،هڪڙي مريد کي ان ڪري دل ۾ ڪجهہ تشويش ٿي پئي، طواف کان پوءِ خدمت ۾ عرض ڪيائين،حضرتا! اسان کي منع فرمائي اٿو، مگر پاڻ هڪڙي لاسيار نينگر ڏانهن چتائي چتائي پيا ڏسو، تنهن جو ڇا سبب؟ خواجہ صاحب جن فرمايس تہ اسان جڏهن پهريان الله سبحانہ وتعاليٰ جي طلب ۽ ذوق ۾ بادشاهي کي ترڪ ڏيئي گهران نڪتا هئاسون، تڏهن پويان پنهنجي اهليہ حمل جي حالت ۾ ڇڏي آيا هئاسون معلوم پئي ٿيو تہ اهو لاسيار

نينگر منهنجو پٽ آهي. پوءِ مريدن جي تسلي لاءِ کين امر فرمايائون تہ بخارا جي قافلي ۾ وڃي جاچ ڪري اچو. مريدن حڪم موجب اچي قافلي جي جاچ ڪيائون. اچي ڏٺن تہ برابر اهو لاسيار نينگر خواجہ صاحب جو فرزند قافلي جو سالار آهي ۽ ويٺو قرآن شريف جي تلاوت ڪري ۽ زارو زار پيو ٿو روئي. هنن سندس نوڪرن کان بادشاهہ زادي جي روئڻ جو سبب پڇيو. نوڪرن جواب ڏنو تہ سندس والد صاحب، مولیٰ پاڪ جي طلب ۾ بادشاهي ڇڏي ڪري هلي ويا هئا هينئر انهن جي هٿي رهڻ جي ڳالهہ ٻڌي سندن زيارت لاءِ هت آيو آهي پر رڳو هن خيال ڪري قدمبوسي جي جرات نٿو ڪري سگهي تہ متان مون کي ايندو ڏسي پاڻ مڪي شريف کي ٻہ ڇڏي هليا وڃن! تنهن ڪري سندن قرب ۽ محبت ۾ پيو ٿو روئي. تڏهن مريدن ادب بجاءِ آڻي عرض گذاريو تہ اسين سائين جن جا مريد آهيون. جيڪڏهن اوهين ٻہ قدم رنج فرمايو تہ هوند گڏجي هلي خدمت سڳوري ۾ حاضر ٿيون. بادشاهزادو انهن سان گڏجي حضور مبارڪ ۾ آيو. خواجہ صاحب سندن ملڻ لاءِ اٿي پٽ کي پاڪر ۾ ورتو ۽ قرآن شريف جي ياد ڪرڻ ۾ ٻين علمن جي تحصيل ڪرڻ بابت ڪنانس پڇا ڳاڇا ڪيائين ۽ ڪجهہ وقت پڌري محبت ڪري ڏانهنس متوجہ رهيا، تہ ايتري ۾ الله تعاليٰ جل شانہ جي طرفان غيبي الهام پهتن تہ اي ابراهيم! دل جي قرب ۾ اسان سان گڏ پٽ کي ٻہ شريڪ ڪري وڏءِ. خواجہ صاحب ڏوراپو ٻڌي بي اختيار ٿي ويا ۽ عرض ڪيائون تہ خدايا! جيڪو پٽ مون کي ڏوراپي هيٺ آڻي ذات پاڪ کان حجاب ٿئي سو پل تہ وچان ڪڍي وڃي. خواجہ صاحب جن اڃا اهي لفظ چيا تہ ايتري ۾ الله تعاليٰ جي قدرت سان سندن نينگر اتي سندن هنج ۾ ساهہ کٹي ڏنو.

نقل25: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ جڏهن اسين ۽ اسان جو پاڻ ميان علي مرتضيٰ شاهہ رضی اللہ عنہ ڪوٽڙي ۾ مخدوم ميان يار محمد رحمۃ اللہ علیہ وٽ ظاهري علم جي تعليم ونندا هئاسين، تڏهن هڪڙي ڏينهن حضرت ميان صاحب جي رضی اللہ عنہ اتي مدرسي ۾ آيا ۽ اسان کي فرمايائون تہ اي بابا! اڄ اسان جو اوهان وٽ اچڻ جو ٿيو آهي، تنهن جي خبر اٿو؟ اسان عرض ڪيو تہ حضرتا! والله اعلم فرمايائون تہ اسين اڄ مخدوم ميان عبدالرحمان صاحب رحمۃ اللہ علیہ جي صحبت ۽ ملاقات لاءِ ويا هئاسون جو حضرت مخدوم صاحب رضی اللہ عنہ جي هم صحبتن ۽ مريدن مان آهي. پوءِ ميان عبدالرحمان اسان کان پڇيو تہ توهان کي حضرت مخدوم صاحب کان مريد ڪرڻ ۽ ارشاد جي اجازت مليل آهي يا نہ؟ اسان چيو تہ هائو. پوءِ اسان کان پنهنجن اهلين جي تلقين لاءِ اجازت ورتائين ۽ پڇيائين تہ پنهنجن صاحبزادن کي طريقي ۾ داخل فرمايو اٿو يا نہ؟ اسان چيو تہ انهن کي اهو ڪو خيال ڪونهي، ان لاءِ چيائين تہ جي خيال نہ اٿن تہ ٻہ هروپرو کين داخل ڪري ڇڏيو. اسان جو اڄ هٿ اچڻ رڳو انهيءَ خيال سان ٿيو آهي پوءِ اسان ٻنهي پائرن کي طريقي نقشبنديہ ۾ داخل فرمايائون. مشغولي کان بعد ميان مرتضيٰ علي شاهہ رضی اللہ عنہ نقشبنديہ طريقي جي مداخلت کان معطر ٿي ويا، مگر اسان کي ڪو ٻہ اثر معلوم ڪو نہ ٿيو، پي پيري جڏهن ميان صاحب جن اسان وٽ تشريف فرما ٿيا، تڏهن مشغولي جي ڪيفيت بابت پڇا ڪيائون مون عرض ڪيو تہ

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حضرتا! مون کي ڪو اثر ۽ خبر معلوم ٿي نہ سگھي آهي. تڏهن مون کي وري ٻيهر قادري طريقي ۾ جهري ذڪر سان مشغول فرمايائون. جنهن سان سمورو جسم وار وار ننهن کان چوٽيءَ تائين ذاڪر ٿي ويو.

نقل26: پاڻ فرمايائون تہ جڏهن مولانا جلال الدين رومي قدس سره کي 'مثنوي معنوي' جي نسخي ناهڻ جو ارادو پيدا ٿيو، تڏهن پهريان پهريان هڪڙا تيرهن بيت مثنوي شريف جا تصنيف ڪري پاڻ سان کٽي خواجہ حسام الدين رحمۃ اللہ علیہ وٽ تشريف فرما ٿيا، سندن دل جو ارادو هو تہ جيڪڏهن خواجہ صاحب مثنوي شريف جي ناهڻ بابت تحريڪ ۽ ترغيب ڏياري تہ واهہ نہ تہ مثنوي معنوي جي تصنيف کي بند ڪري ڇڏيندا سون. پوءِ جڏهن پاڻ حضرت خواجہ حسام الدين رحمۃ اللہ علیہ وٽ پهتا، تڏهن ملاقات هلندي خواجہ صاحب چيو تہ حضرتا! حڪيم سنائي قدس سره کان ''منطق الطير' جو نسخو هن زماني جي طالبن لاءِ يادگار رهيل آهن، جيڪڏهن اوهين بہ معنوي علم جي دقائق ۾ ڪا تصنيف پوين طالبن لاءِ يادگار تحرير فرمائي ڇڏيو تہ طالبن مشتاقن لاءِ ڪهڙي نہ عزت ۽ بخت بلندي جي ڳالهہ ٿيندي. جڏهن خواجہ صاحب اهو اظهار ڪيو، تڏهن حضرت مولوي رحمۃ اللہ علیہ ٻيتن وارا ڪاغذ دستار مبارڪ مان، ڪڍي کين ڏيکاريا تہ اسين پڻ اهو خيال دل ۾ ڪري رهيا هئاسون تہ جيڪڏهن توهين ان بابت اسان تي زور رکندؤ تہ مثنوي ناهيندا سون نہ تہ ڇڏي ڏيندا سين. تنهن کان پوءِ حضرت مولوي صاحب رحمۃ اللہ علیہ مثنوي شريف ناهڻ ۾ مشغول ٿيا ۽ پوري ڪري ڇڏيائون.

نقل27: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ هڪڙي عورت کي عادت هوندي هئي ۽ اٽندي رهندي ويهندي هي لفظ پئي چوندي هئي 'آئون صلواة سا پڙهان جا درماندن کي دارون' هڪڙي ڏينهن مڙس چيس تہ اي عورت! ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن جو زبان سان تہ ائين پئي چوين پر ٻڌاءِ تہ اها صلواة شريف پڙهندينءَ ڪڏهن؟ پاڻ طالبن جي ترغيب لاءِ صحبت جي وقت اهو نقل بيان ڪري فرمائيندا هئا تہ ذڪر ۽ تقويٰ ۽ عبادت ۾ وڏي ڪوشش ڪندا رهو ۽ انهي زال وانگر بنا حال جي رڳو قال سان مشغول نہ ٿجو.

نقل28: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ڪنهن عورت کي ويم جا سور اچي ٿيا، تنهن لاءِ دائي گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليائون پر جيستائين دائي آئي، تيستائين سندس سور ڦري ويا هئا، اها عورت دائي کي چوڻ لڳي تہ جلد ٿيءُ ٻار کي ٻاهر ڪڍ، دائي چيس تہ اي مائي تنهنجا سور ڦري ويا آهن ۽ سورن کان سواءِ تہ ٻار ڪڏهن بہ ٻاهر نہ نڪري سگھندو، اتي پاڻ فرمايائون تہ اي خدا جا طالب! انهيءَ نقل مان معلوم ڪجو تہ جڏهن ظاهري ٻار بہ سورن کان سواءِ پيدا نہ ٿو ٿي سگھي تہ پوءِ حقيقت وارو ٻار انسان جي وجود مان صحبت ۽ سورن کان سواءِ ڪيئن پيدا ٿي سگھندو. جيئن تہ انهيءَ معنيٰ تي شاهہ پٽائي عليہ الرحمۃ جو بيت شاهد آهي:

جان جان ناهہ ضرور، تان تان ناه طبيب کو
جُسي سرئو سور تہ ڪر ويچ ور پيو
گر درد عشق را بقيامت جزا دهند

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ما غير درد عشق نخواهيم جزائے درد

يعني: جيڪڏهن عشق جي درد جي قيامت جي ڏينهن جزا ڏنائون تہ اسين انهي لاءِ ٻہ وري عشق جو درد ئي جزا گهرنداسون نہ ٻي.

نقل 29: هڪڙي ڏينهن مريدن مان ڪنهن شخص سندن حضور ۾ شاهہ عبدالطيف ٻٹائي قدس سره ۽ مخدوم عبدالرحيم قدس سره جي حالات بابت عرض ڪيو تہ ڪهڙي طرح هئا ؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ حضرت شاهہ صاحب قدس سره کي عشق ،محبت ۽طلب جو شوق بحد گهڻو هو ۽ مخدم عبدالرحيم قدس سره حقيقت ۽ اسرارن جا درياءُ هئا.

نقل30 : هيڪر پاڻ فرمايائون تہ شيخ طيب قدس سره نالي قوم جو پهنوار مجذوب ۽ صاحب حال جو ڪمال وارو اڳين ولين منجهان هو .سندس دستور هوندو هو تہ رات جو هميشہ پنهنجن پيرن ۾ رسو وجهي پاڻ کي اونڌو ڪري لڙڪائي ڇڏيندو هو.ان جو مقام درگاهہ شريف جي ڏکڻ پاسي مشهور و معروف آهي ۽ حضرت ميان صاحب قدس سره ، جي حضرت مرشد مربي قدس سره جا والد مڪرم ۽ مرشد معظم هئا،تن جي مزار شريف ٻہ اتي ئي آهي ۽ حضرت مرشد ڪريم قدس سره جا ٻہ پائر، جي وڏن ڪاملن مان هئا ، سي ٻہ اتي حضرت ميان صاحب قدس سره جي پيراندي۽ ڪان رکيل آهن .۽ ٻيا سندن ننڍاڙا صاحبزادا توڙي مائٽ سڳورا جي هن دنيا مان رحلت ڪري ويا ، سي ٻہ مڙئي اتي مدفون آهن . حياتي۽ ۾ جيڪي ٻہ اولاد شريف مان ننڍا خواهہ وڏا ۽ پائيٽا سڳورا رحلت فرمائيندا هئا ، تہ انهي۽ مقام ۾ حضرت ميان صاحب قدس سره جي مقبري جي چوڌاري رکائيندا هئا، اهو مقام درگاهہ شريف کان ڏکڻ طرف ستن ڪوهن جي پنڌ تي آهي.

نقل31 : هيڪر پاڻ فرمايائون تہ سچو طالب ڪوئي ڪونهي ، باقي ڊڪن جو ولر اچي ويو آهي ، اسان پنهنجي عمر رڳو ڊڪن چارڻ ۾ صرف ڪري ڇڏي ۽ انهن کان ڪابہ همت ڪانہ پڄي سگهي ۽ جيڪڏهن ڪو ڪٽي انهن مان ٽيو تہ ٻہ پنهنجي اندر سان مشغول نہ ٽيو ، جان ۽ جهان کان مستغرق ۽ بي خبر ڪونہ ٽي سگهيو .

تو مباش اصلاً کمال اين است و بس
تو دروگم شو وصال ايں است و بس
تو دروگم شو وصال ايں است و بس
گم شدن گم کن وصال ايں است و بس

يعني: تون اصل نہ هج ، ڪماليت رڳي اها آهي ۽ بس پاڻ کي محبوب ۾ گم ڪري ڇڏ،وصال اهو ئي آهي ۽ بس، تنهنجو محبوب ۾ گم ٽيڻ ٻہ ڪمال ڇئبو پر انهي گم ٽيڻ کي ٻہ گم ڪري ڇڏ تہ

پوءِ ميلاپ اهوئي آهي ۽ بس .

نقل32 : جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ دعوت جي ڪري نٿي ننگر ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي مون ڪتاب 'مڪتوبات امام رباني خواجه مجدد الف ثاني قدس سرہ' جو نسخو حضور ۾ آڻي حاضر ڪيو ۽ عرض ڪيم ته حضرتا! هي مڪتوبات پڙهڻ لاءِ خريد ٿو ڪريان .پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته اهل تصوف جو هي علم، پڙهڻ ۽ ڪسب سان حاصل نٿو ٿئي. مگر وهب سان جيئن حضرت سرورڪائنات فخر موجودات صلی اللہ علیہ وسلم جن کي عطا ٿيو .جو ڪنهن کان به نه پڙهيا نه سکيا ، مگر فيض جا درياءَ وهي ويا . ان ڪانپوءِ پاڻ زبان مبارڪ کان فرمايائون ته پٽي ڏينهن ڪتاب خريد نه ڪر، نڪي پڙهه ''اِقْرَاْ كِتٰبَكَ كَفٰى بِنَفْسِكَ''يعني پنهنجي اندر وارو ڪتاب پڙهه، تنهن لاءِ تنهنجو نفس ئي ڪافي ڪتاب آهي .

نقل33 : پاڻ فرمايائون ته اسان جي ابتدائي طلب وارن ڏينهن ۾ اسان کي محبت جو غلبو ۽ شوق جو جذبو نهايت زياده هو . هڪڙو سيد سڳورو مجذوب جو اسان جي عزيزن مان هو ۽ رهندڙ لڪعلوي جو هو،اسان وٽ ٽڪيل هو پوءِ اسين سندس خدمت ۾ حاضر ٿياسين ۽ طلب جو شوق ڪري سندس آڏو ڏاڍو گريو ڪيوسين بزرگ سڳورو اسان جو حال ڏسي رحم ۽ شفقت سان فرمائڻ لڳو ته پيءُ پيءُ درياءِ ٿي! ته به اسان جو روئڻ بند نه ٿيو ۽ اڃان پي رناسين تڏهن ڇڇ مدت ڪانپوءِ نهايت محبت ۽ شفقت سان فرمايائين ته :

'پيءُ پيءُ سمنڊ ٿي ايئي بکئي کي پيارج'

نقل34 : هيڪر پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان در افشاني فرمايائون ته الله تبارڪ وتعاليٰ جيڪي بهشت جا واعدا ۽ دوزخ جا دڙڪا خلق جي حق ۾ فرمايا آهن . تنهنجو مثال اهڙو آهي جيئن ڪو ٻار راند روند ۾ مشغول هجي ۽ ان کي ڪوئي شخص چوي ته راند ڇڏي ڪر ته تو کي شيءِ ڏيان ، پوءِ جي مٺاڻ جي دلاسي تي نه مڙي ته کيس 'جيجو' جو ڊپ ڏياري ، ته راند کي ڇڏ! حالانڪ جيجو رڳو ٻڌل لفظ جي معنيٰ آهي ،اهڙي طرح جيڪا خلق ٻارن جي مثال آهي تنهن کي دنيا جي راند ڇڏڻ لاءِ بهشت جا واعدا مني شيءِ وانگر آهن ۽ دوزخ جاوعيد جيجو وانگر ڊپ ڏيارڻ لاءِ دڙڪا آهن. باقي مردن جو حال ان کان برتر آهي :

خلق اطفال اند جز مست خدا
نيست بالغ، جز رهيده از هوا

يعني: الله تعاليٰ جلشانه جي عاشقن کان سواءِ ٻي سموري خلق ٻارن وانگر سمجهه ! ڇو ته هو حرص ۽ سڏن جي چنبي ۾ گرفتار آهن ۽ جنکي حرص کان آزاد ٿيڻ جيترو عقل به ڪونهي ، سي دانائن وٽ حقيقت ۾ بالغ ڪونه ٿيا آهن .

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل35 : هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ڪو بادشاھ ھو، تنھن پنھنجن وزيرن اميرن ۽ نوڪرن چاڪرن سيني کي حڪم فرمايو تہ آڻون پنھنجي باغ ۾ وڃي ٿو لڪان ،توھين سب مون کي ڳولي اڇي مون وٽ حاضر ٿجو، جڏھن بادشاھ باغ ۾ مخفي ٿي ويو تڏھن سيني کي باغ ۾ گھڙڻ جي موڪل ٿي ، ھي اندر گھڙي بادشاھ کي ڳولڻ ۾ مشغول ٿيا . پر اندر باغ ۾ قسمين قسمين ميوا ۽ رنگ برنگ گل ، ٻوٽا ،وڻ ۽ ھزارھا نعمتون ۽ تماشا لڳا پيا ھئا ،سي ڏسي گھٽا تہ انھن فرحتن ۾ رھجي ويا ۽ گلن جي واس ونڻ، ميوا کائڻ ۽ تماشن ۾ اھڙا تہ محو ٿي ويا جو بادشاھ جي يادگيري ئي سندن دلين مان نڪري وئي . ائين نہ سمجھيائون تہ ھي نعمتون اسان کي مليون ئي بادشاھ جي طلب ۽ ڳولا جي طفيل آھن ، نہ تہ ڪٿي اسان ۽ ڪٿ بادشاھي باغ! ۽ ٻيا وري بادشاھ جا سچا نوڪر ۽ حڪم جا پورا فرمانبردار ھئا، تن ويچارن کي بادشاھ جي طلب نہ ڪو ميون کائڻ جو وجھ مليو نہ گلن جون ھوائون جھٹيائون نہ ئي رنگا رنگ تماشن ۽ پکين جي منين لاتين ۽ بلبلين جي چھچن ۽ قمرين جي قھقھن تي موھجي مست ٿيا بلڪ بادشاھ جي طلب واري نعمت ۾ اھڙا محو ٿيل ھئا جو ٻين نعمتن ۽ تماشن ڏي نھاري ڏنائون بہ ڪين، آخر سندن پورھيو ساب پيو ”مَنْ طَلَبَ شَيْئًا جَدَّ وَجَدَ“ جي بشارت موجب بادشاھ جي قدمبوسي جي شرف کان اڇي مشرف ٿيا . جڏھن بادشاھ جي حضور ۾ حاضر ٿي اڇي دم پٽيائون. تڏھن بادشاھ انھن کان پڇيو تہ ٻيا اوھان جا رفيق ڪٿي آھن؟ جواب انھن ڏنو تہ حضرتا! اھي سڀ باغ پيا گھمن ۽ گلن جي مٿان بلبل بٹيا پيا واس ونڻ ۽ ميون کائڻ ۽ تماشن ۾ سائين جن جي حضور کان محروم ٿي ويا آھن ، بادشاھ فرمايو تہ اھي منھنجا دشمن آھن پوءِ انھن کي گھرائي کين سخت عتاب ۽ عذاب ھيٺ رکيائين ۽ پنھنجن سڃن ڳولينڏڻن کي فرمايائين تہ توھين منھنجي حضور جا خاص مقرب ۽ منظور نظر آھيو، ھن کان اڳتي توھين منھنجا آھيو ۽ مان اوھان جو ،ھي باغ پڻ اوھان جي ملڪيت ۾ ڏئي ڇڏيوسون، وڃي اسان جي رضا سان مزا ماڻيو ۽ خوش گذاريو. پاڻ انھي ھند عجيب نڪتو بيان فرمايائون تہ اھو باغ مثال ھن دنيا جي جھان جو آھي، بادشاھ مان مراد بادشاھ حقيقي الله تبارڪ وتعاليٰ آھي ۽ ساري مخلوقات انسانن ۽ جنن کي ، جي سندس نوڪر ۽ ٻانھا آھن . حڪم ٿيل آھي تہ ھن دنيا جي باغ ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ پنھنجي بادشاھ حقيقي جي طلب ۽ ڳولا ڪن. جيئن تہ الله تعاليٰ جلشانہ فرمايو آھي:

”وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ“ (البينہ : ۵)

ترجمو: تہ نہ حڪم ٿيو انھن کي(بادشاھ) الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان مگر ھي تہ الله سائين جلشانہ جي عبادت ڪن ۽ ان لاءِ پنھنجو دين سچو ڪن .

يعني پنھنجي ھوا ۽ حرص ۾ گرفتار ٿيڻ کان جھل ٿيل آھي .پوءِ ڪيترا ماڻھو ھن دنيا جي باغ ۾ اڇي پنھنجي مقصد اصلي مولا پاڪ عزا سمہ جي طلب کي وساري ھن باغ جي نعمتن يعني کاڌي پيتي ،پوشاڪن پھرڻ ،مال ميڙڻ ، راڳ ۽ سرود ۽ ٻين تماشن ۾ لڳي آرام طلب ٿي پيا. ۽ الله

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تعاليٰ جي طلب کان،جا نعمتن ۾ وڏي نعمت ۽ دولتن ۾ وڏي دولت آهي،منهن موڙي دنيا جي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويا. حالانڪ فرمان ٿيل آهن:

فَمَا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا قَلِيْلٌ (التوبہ : ۳۸)

ترجمو: دنيا جو سامان تمام ٿورڙو ۽ حقير آهي .

وڏي نعمت ۽ دولت رڳو الله سائين جي طلب ۽ تات آهي . ٻيا ڪي سڀار خدا تعاليٰ جا بندا پنهنجي مقصود اصلي کي نه وساري ، هن دنياوي باغ جي هيڻ ٿوهه تماشن کي بيڪار سمجهي ،طلب جي ڪوشش جو ڪمربند چيلهه ته محڪم ڪشيون ،پنهنجي معبود برحق جي ڳولا ۾ پنهنجو پاڻ پتوڙيندا رهيا ،جي نيٺ " فَاُولٰٓئِكَ كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا " (بني اسرائيل : ۱۹)(انهن جي ڪوشش الله تعاليٰ جي درگاهه ۾ ساب پوندي) جي موجب پنهنجي مقصد اصلي ۽ محبوب حقيقي جي وصال کان وڃي مشرف ٿيا ۽ درگاهه مان "مَنْ لَهُ الْمَوْلٰى فَلَهُ الْكُلُّ"(جنهن جو رب ،تنهن جو سڀ !) جي پاڪ سان پهر جي سرفرازي حاصل ڪيائون .

نقل 36: هيڪر پاڻ فرمايائون پي ته اڳيان طالب شراب جا مٽ پي ويا ۽ پوين لاءِ گيرٽ اوبر بچائي ويا سو به ڪن کي حاصل ٿيو ۽ ڪن کي اهو به نصيب نه ٿيو. رڳو سڪٽن مٽن ته اچي بيٺا. جيئن انهي بابت مولانا جامي قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهُ فرمايو آهي:

حریفاں بادها خوردندو رفتند، تہی خم خانہا کردند رفتند
چو رفت از دست خم وجام وساقی، بما جز غم نماندہ ہیچ باقی

يعني: اڳيان دوست شراب پي شرابخانا خالي ڪري هليا ويا ، هينئر اسان جي هٿان مٽ، پيالا ۽ ساقي جڏهن نڪري ويا ! تڏهن اسان لاءِ رڳو ارمان ڪائڻ ۽ غم باقي رهجي ويو آهي ۽ بس .

نقل 37 : هيڪر حاجي ميان عمر فقير (تلهار جو رهندڙ، جو سائين جن جي سچن مريدن مان هو سو) حضور مبارڪ ۾ دعوت ڪرڻ لاءِ درگاهه مبارڪ تي حاضر ٿيو .اتفاقاً فقيرن مان هڪڙي شخص ڪنهن بيماريءَ لاءِ دعا جي واسطي خدمت سڳوري ۾ عرض گذاريو. پاڻ ان تي جوش ۾ آيا ۽ فرمايائون ته آئون انهن بيمارين جي علاج جي لاءِ طبيب نه آهيان ،جو مونکان دوائون ٿا پڇو، ان تي پاڻ ڪيس گهٽو ئي وعظ ۽ نصيحت فرمايائون. اتي حاجي عمر کي (جو سچو طالب درويش هو) جذبو اچي ويو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! هن فقير پنهنجي دنياوي بزرگي ، عزت ۽ حشمت سڀ ترڪ ڪري ڇڏيا آهن . تنهن کانسواءِ پنهنجي معاش جي خوش گذراني ۽ به عورتون ، جي هن فقير جي نڪاح ۾ آهن ، سڀ مولا سائين جي طلب ۽ سندس محبت ۾ ڦٽي ڪري هيترا ڪشالا ۽ پنڌ جون تڪليفون ۽ مسافريءَ جاڏاڪڙا پاڻ تي سهي حضور پر نور ۾ آيو آهيان سو انهيءَ لاءِ ته ڇا ظاهري بيمارين جا حضور جن کان اچي علاج پڇان ۽ دوائون وٺان؟ پاڻ سندس (مٽين) بيان کان بلڪل گهٽو خوش و خورم ٿيا ۽ مٽس

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گهٹي رحمت ۽ شفقت فرمايائون ۽ سندس دعوت ۾ انهي ۽ وقت قبول فرمايائون .

نقل38 : هيڪر مير پيڏو ٽالپر قدم بوسيءِ لاءِ درگاهه مبارڪ تي حضرت مرشد مربي قدس سره جي حضور ۾ حاضر ٿيو هو، پوءِ گفتگو هلندي اتفاقاً شڪار بابت ڳالهه ٻولهه شروع ٿي ، تنهن تي مير پيڏي عرض ڪيو ته حضرتا! چوندا آهن ته شڪار وارو ڏينهن ۾ عمر واري حساب ۾ ڪونه ليکيو ويندو ! اها ڳالهه واقعي آهي يا نه ! پاڻ سندس اهاڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ٻي ڳالهه شروع ڪري ڏنائون ان کان پوءِ جڏهن مير حضور مبارڪ مان اٿي اوطاق ڏانهن ويو .تڏهن جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته، پاڻ منهن مبارڪ مون ڏانهن ڪري فرمايائون ته اهل دنيا جي ڪيتري قدر ناقص فهم آهي ،جو ڪتن ۽ مرُن جو شڪار ۾ عمر جي حساب ۾ نٿا ليکن ! جڏهن ته اهو شڪار ئي ڪو ٻيو آهي جو عمر جي شمار ۾ نه ايندو آهي. پاڻ هي بيت فرمايائون :

صيد را بگزار خود را صيد کن
خويش را در دام معنی قيد کن

يعني:انهي ظاهري شڪار کي ڇڏو ڪري پاڻ کي شڪار ڪر ! هيئن ته حقيقت واري ڳاهي ۾ پاڻ کي ڳاساءِ .

نقل39 : هيڪر پاڻ فرمايائون ته هڪڙو شخص پنهنجي گهوڙي ۽ سندس وڇيرو جي ٻئي اجايل هئا، درياءَ تيپاٽي پيارڻ لاءِ ڪاهيون پي آيو، جڏهن درياءِ تي آيا تڏهن وڇيرو درياءَ جون موجون ۽ مستي وارو اوج ڏسي دهلجي ويو ۽ پاڻي پيئڻ کان سواءِ اجارو ئي پوئتي موٽي ويو چو ته هن اڳ درياءَ ڪڏهن ۾ ڪونه ڏٺو هو .باقي گهوڙي جيڪا لهرن کان چڱي طرح واقف هئي تنهن پنهنجي مطلب تي پاڻ پي ڏؤ ڪيو . لهرين ۽ درياءَ جي گجگوڙ کان ڪو ۾ ڊپ نه ڪيائين. پاڻ ان تي فرمايائون ته سچي طالب جو مثال ان گهوڙي وانگر آهي،جو خطرن ۽ وسوسن ۽ تڪليفن جو ڪو ۾ ڊپ نه ڪري وڃي مقصود کي اصل ڪندو.باقي سڏڻيا طالب انهي وڇيري وانگر آهن جي ٿورڙي ئي حراس ۽ تڪليف ۾ اجايا ۽ فيض کان محروم مايوس ٿي موٽي وڃن ٿا.

خلق اطفال اند جز مست خدا
نيست بالغ جز رهيده از هوا

نقل 40: سيد ميان بدر شاهه (رهندڙ شهر متعلوي جو) نقل ڪري ٿو ،ته هيڪر پاڻ هڪڙي پٽ فقير جي دعوت ته ٽر ملڪ ۾ نزول ڪرامت شمول فرمايائون، پاڻ جنهن هنڌ وينا هئا اتي اس جو ٽوٻي آيو. فقيرن عرض ڪيو ته حضرتا! ڪٿهين پاڇو ڪرڻ ڪپي، جت سائين جن هلي ويهن. پاڻ فرمايائون ته ۾ پهريءِ جي لنگهه تي پاڇو ڪرڻ ڪهڙو سود ؟ سندس انهيءِ فرمودي مبارڪ سان فقيرن جي جماعت ۾ جذب ، وجد ۽ روچ پيدا ٿي ويو.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اي عزيز! سندس فرمودي مبارڪ مطابق هي حديث شريف ۾ شاهد آهي،جو پاڻ اڪثر جمعي جي ڏينهن خطبي ۾ فرمائيندا هئا تہ كُنْ فِى الدُّنْيَا كَأَنَّكَ غَرِيبٌ ،أَو عَابِرُ سَبِيلٍ وَ عُدَّ نَفْسَكَ مِنْ اَصْحَابِ الْقُبُوْرِ (رواه البخاري) يعني: هن دنيا ۾ اهڙي طرح گذار جيئن ڪو مسافر يا واٽهڙو ماڻهو رستي ۾ گذاري ۽ پاڻ کي قبر ۾ پوريل شخصن مان ڪري سمجھ .

چہ بندی دل دریں دنیا کہ روز چند مہمانے
چوناگہ مرگ پیش آید خوری آندم پشیمانے
نیاری یاداز مردن کہ روزمرگ درپیش است
چہ مغروری دریں دنیا مگر مردن نمیدا نے
یکے اندیشہ کن بنگر کہ آن بودند درین دنیا
کجا رفتند آن یاران کہ بودند مونس و جانی
کجا شد آدم و حوا کجاشد یوسف و موسیٰ
کجا ایوب و ذکریا کجا شد نوح طوفانی

يعني: هن دنيا ۾ ڇا لاءِ دل ٽوڪيندين جو تون کي ٻڌي ڏينهن هت مهمان ٿي آيو آهين جڏهن اهڙي حالت ۾ اوچتو موت مٿان اچي ٻيهندءِ،تڏهن ڏاڍو پشيمان ٿيندين افسوس جو توکي هي وسري ويو آهي .جو موت جو هيڏو سارو معاملو تنهنجي اڳيان پيو اچي ۽ تون وري اهڙو مغرور جو شايد توکي مرڻ جي خبر ٻہ نہ ٿئي ، پر هيترو تہ دل ۾ ويچار ۽ فڪر ڪري ڪٽي ڏس تہ تنهنجا اهي سچا دوست ۽ پيارا جاني جگر پيوند ڪيڏانهن ويا ، آخر اهي ٻہ تہ تو وانگر دنيا ۾ موجود هئا ،ڏس تہ سهي حضرت آدم عليہ السلام ڪٿي؟ ۽ ٻيبي حوا ڪيڏانهن ويا ۽ پيغمبر سڳورا جيئن تہ حضرت يوسف حضرت موسيٰ يا حضرت ايوب حضرت زڪريا ۽ حضرت نوح عليهم السلام ڪيڏانهن هليا ويا ؟ آخر تنهنجو ٻہ تہ اهو ئي رستو آهي يا ڪو ٻيو ؟

نقل41 : جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ درگاهہ عرش اشتباهہ تي صبح جي نماز بعد مراقبي ۾ ويٺا هئا، پوءِ جڏهن مراقبي کان مٿو مبارڪ مٿي کنيائون، تڏهن مون ڏانهن منهن مبارڪ ڪري فرمايائون تہ محبت کان سواءِ مراقبو ٻہ ڪنڌ ۽ مٿي جو سور آهي ،پيو ڪو ٻہ فائدو نہ اٿس.

اي عزيز! سندس فرمودي مان معلوم ٿيو تہ مراقبي وقت ڪن طالبن جي سست مزاجي جو اوليڙو سندن ضمير بيضا تنوير تي ئي پهچي ويو هو ،جن جو مٿو تہ ظاهر مراقبي ۾ هو مگر سندن دل خيالات ۾ مشغول ٿي وئي هئي ، پر پاڻ ستاري جي صفت ڪري سندن عيب ظاهر نہ ڪري مجمل طرح غفلت جي تنبيهہ ۽ يڪ سوئي لاءِ ترغيب فرمائي ڇڏيائون.جيئن تہ حضرت نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن کي هيڪرنماز ۾ سهو پئجي وئي، پوءِ پاڻ نماز ادا ڪرڻ کان بعد جماعت ڏي منهن مبارڪ ڪري

سكندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

فرمايائون تہ عجب آهي ، جو ماڻهو پوري طرح وضو نٿا ساري اچن ،پوءِ انهن جي اثر کان اسان کي نماز ۾ سهو پئجي ٿي وڃي. اتي پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ ناشائستي ڪر جي ڪنهن شخص ڏانهن نسبت نہ ڪيائون. بلڪ مجملاً اشارو فرمائي ڇڏيائون تہ اهو شخص ماڻهن جي روبرو شرمسار ٿيڻ جي بدران پنهنجي دل ۾ لڄي ٿئي ۽ پنهنجي اصلاح ڪري :

نسبت پاکاں درست کن یا پئے ایشاں مرو
غرق شد فرعون در دریا، وموسیٰ پیشرو

يعني: پاڪن جي روش تي پورو هلين تہ سندن ڪڍ پلي لڳو وڃ ،نہ تہ مخالفت واري حالت ۾ سندن پوئتان نہ لڳج ، ڇو تہ فرعون کي حضرت موسيٰ عليہ السلام جي پيروي، بنا نسبت جي ڪهڙو فائدو پهچايو؟

نقل 42: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ اي يارو! جيڪڏهن سانوڻ جي گرمي جي مند ۾ ڪنهن شخص کي ڪيڏانهن مسافري ۽ پنڌ ڪرڻو هوندو آهي ،تہ ڏينهن جي گرمي ۽ تاءُ جي سختي ڪري اڪثر رات جي ٿڌاڻ ۾ آرام ۽ سهولت سان پنڌ ڪندو آهي تہ پوءِ ٿڌ ڪئي ٿڌ ۾ فرحت سان سويل وجي منزل مقصود کي پهچندو آهي .اهڙي طرح آخرت جو ڏينهن سخت گرم اٽوَ ۽ هي دنيا ڪاري رات جي مثل آهي . پوءِ جيڪي هن رات ۾ غفلت جي مني ننڊ کي ڦٽو ڪري الله سائين جل شانہ جي ذڪر ،فڪر، اطاعت ۽ عبادت واري پنڌ مشغول ٿيندا ، سي انهيءَ قيامت واري تاءُ ۽ تاب کان پناهہ ۾ رهندا ، آرام ۽ فرحت سان وڃي منزل مقصود ۾ قرار ونندا . پر جيڪي هتي ننڊ مني ڪري ڏينهن جي تاءُ ۽ سج جي پنڌ کي دل ۾ وساري ڇڏيندا ،سي انهي ڏينهن پاڻهين هلي خبر لهندا ،جڏهن سج نيزي پاند هيٺ لهي اچي ، ڏرتي تامي جهڙي ڪندو ۽ نفسي نفسي جو هلحشر ڪنن تي پهچندو.

جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ : ”اَلنَّاسُ نِيَامٌ اِذَا مَاتُوْا اِنْتَبَهُوْا“

يعني: غافل ماڻهو ننڊ ۾ ستلن جي مثال آهن ،جن کي رات جي ٿڌي هير دنيا و ما فيها کان بي خبر ڪري ڇڏيو هجي .سو انهن مردن (غافلن) جي اک تڏهن پٽبي جڏهن دنيا کان لڏي اڳتي هلندا ۽ قيامت جو سج سنئون ٿي پنهنجي تابش سان سندس جگر کي پاڻي بٽائي ڇڏيندو .

مرد ماں را سربسر در خواب دان
گشت بیدار آنکہ اورفت از جہان

يعني: هنن ماڻهن کي تمام ننڊ ۾ ڪري سمجهہ ، سجاڳ اهو ٿيو جيڪو هن جهان مان اڳي هليو .

نقل 43: ميڏنو فقير پليچو نقل ڪري ٿو ، تہ هيڪر اسين بہ ٿي فقير گڏجي درگاهہ مبارڪ ڏانهن پي زيارت لاءِ وياسون ، جڏهن درگاهہ مبارڪ کان هڪ ڪوهہ ڪن جي ويجهڙائي تي پهتا سين ،تڏهن جيسي فقير کي (جو اسان سان سفر ۾ گڏ هو) وجد پئجي ويو ۽ دانهون ڪندو مٿان اچي پي ڪريو ،

آخرڪجھ هوش اچڻ کان بعد ڪرندو اٿندو درگاھ مبارڪ تي حاضر ٿيو.جيسي فقير واٽ تي پنھنجي ستڻ نماز پڙھڻ مھل پليت ھئڻ سبب لاھي ڪلھي تي رکي ھئي پر وجد کان پوءِ بيھوشي جي حالت ۾ شايد ڪٿھين ڪري پيس ۽ ان جي فقيرن کيس ڪا خبر نہ پئي ،جڏھن ٻيو ڏينھن ٿيو اسين سڀئي سندس صحبت فيضِ موھبت ۾ حاضر وينا ھئاسون. اتي پاڻ فرمايائون تہ سچي طالب ۽ مريد ڏي جيڪڏھن پنڌ ڪندي پيرن ۾ ڪو ڪنڊو يا ڪاڻي اھڙو چپي پوي جو ٻي طرف کان نڪري اچي تہ ٻہ ڪپيس تہ انھي ۽ ايذاءَ کان ڊرو نہ ٿئي ۽ ٻي طرف توجہ نہ ڪري. سندن انھي ڪلام فرمائڻ شرط جيسي فقير توبہ استغفار ڪئي ۽ چيائين تہ مون کي ڪالھوڪي ستڻ جو وھم دل ۾ پئجي ويو ھو، جا وجد جي حالت ۾ وڃائي آيو ھوس .پاڻ انھي وسوسي جي جواب ۾ تنبيھ فرمائي طلب جي ترغيب فرمائي ڇڏيائون .

نقل44 : حضرت پير سائين پڳ ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ پنھنجي والد معظم مسند نشين اول قدس سرہ کان بيان فرمايائون تہ ھيڪر پيرسائين قدس سرہ جن سان ھمرڪاب گھوڙن تي چڙھيا پي وياسون ، اتفاقاً ھڪڙي اھڙي ھنڌان لانگھائو اچي ٽيا سون جتان درياءَ جي پاٽي نئين اچڻ پاران اھا زمين قاتي ۽ چيرجي پئي ھئي. تڏھن درياءِ جي ڦوٽن سببان اسان پنھنجي گھوڙي جو واڳ مضبوط ڪري جھلي ۽ پنھنجي نظر زمين تي غور سان رکندا پي آياسون،جنھن جي ڪري دل جو ٻہ خيال اتي لڳل ھو، اسان جي انھي احوال جي حقيقت مرشدن ڪريمن تي منڪشف ٿي وئي. تڏھن فرمايائون تہ اي بابا! **گھوڙي جي واڳ سوگھي رکجو چو تہ زمين قٽل آھي.**

سندن انھي فرمودي ٻڌڻ شرط گھوڙي جي واڳ ھٿان نڪري وئي ۽ دل جو خيال الله تبارک وتعاليٰ سان ڳنڍجي ويو.جيئن الله تعاليٰ جل شانہ جو فرمان آھي تہ

''وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ''(الکھف : ۲۴)

ترجمو: پنھنجي پروردگار کان غفلت ۽ ويسارو ٿي وڃي تہ انھي مھل وري يادگيرو ڪري سندس ذڪر ۾ مشغول ٿيءُ .

دل نگہدار ہرچہ خواہی کن
حق نگہدار کج کلاہی کن

يعني : دل کي خداوند ڪريم جي ذڪر ۾ نگاھ رکيو اڇ پوءِ جيڪو وٽي سو ڪر، الله تعاليٰ جل شانہ جو طرف جھليو اڇ پوءِ بادشاھي وينو ڪر .

ٻين فقيرن اسان کي چيو تہ حضرت مرشد ڪريم جن اوھان کي فرمائن ٿا تہ گھوڙي جي واڳ سوگھي جھليو اڇ .پاڻ فرمايائين تہ جنھن گھوڙي جي واڳ اسان ڇئي سا سوگھي جھلي اٽس .

اي عزيز! طالب کي ڪپي تہ جيڪو ٻہ لفظ پنھنجي مرشد کان ٻڌي تہ انھيءَ کي بيفائدوءِ سرسري سخت نہ ڪري سجھي. بلڪ وڏي ڊپ ۽ رعب سان ان کي دل سان ھنڌائي ڏسي .ڇو تہ سڀ ڪنھن لفظ لاءِ جيئن ظاھر آھي ،تيئن باطن ٻہ آھي ۽ صورت سان گڏ معنيٰ جو ٻہ لحاظ رکيل آھي، جي

نہ تہ سچن مريدن مان ڪڏهن بہ ڳٽجي نٽو سگهجي. ڏسو تہ فرمودي مبارڪ ۾ گهوڙي مان مراد ظاهري گهوڙو سمجهي ڪن طالبن غلطي ڪاڏي . حالانڪ سندن فرمودو باطني گهوڙي يعني دل جي واڳ سو گهي ڪرڻ بابت وارد هو. جيئن حضرت صاحبزادي صاحب سمجهي ورتو .

نقل 45: رمضان فقير سهتو نقل ڪري ٿو، تہ هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ اي يارو! سسئي توڙي زال ماٹهو هئي تہ بہ سعيو ۽ همت اهڙي مڙساٹي ڪري ڏيکاريائين جو پنهنجي دوست سان ملڻ کان اڳ ۾ آرام نہ ڪيائين ۽ توهان پاڻ کي مڙس سڏائي اهڙي مڙساٹي همت ڇو نٿا ڪريو ؟جو اوهين بہ پنهنجي محبوب جو مشاهدو وڃي ماٹيو:

جذب مردانہ زليخا بين
کہ ز يعقوب برد يوسف را

يعني: بي بي زليخا،، جو مردانو جذب ڏس تہ ڪهڙو نہ عجب جهڙو هو، جو حضرت يوسف عليہ السلام کي حضرت يعقوب عليہ السلام کان پاڻ ڏي ڇڪي وئي .

نقل46 : فتح محمد فقير ولد بهادر فقير نظاماٹي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون رمضان شريف جي مهيني ۾ درگاهہ مبارڪ تي مسجد شريف ۾ ڏهاڪي منجهہ وينو هوس . قرآن شريف جون ٽي ايميون ياد هيون، هڪڙي ڏينهن اهي ٽي ايميون تلاوت ڪري اعتڪاف واري هندان اٹي سندن صحبت مبارڪ ۾ اچي وينس، پاڻ مونکي زبان مبارڪ سان فرمايائون تہ بادشاهہ جو پروانو پرپٹ پڙهڻ گهرجي پر جڏهن بادشاهہ جو حضور حاصل ٿي وڃي تہ پوءِ پرواني جي پڙهڻ جو ڪهڙي ضرور؟

اي عزيز! سندن مٹيون مثال قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ جي روڪڻ لاءِ ڏنل نہ آهي بلڪ انهي جو اشارو آهي تہ طلب کي پنهنجي پير جي حضور ۾ دل حاضر رکڻ کپي ڇو تہ اهو شغل دائمي آهي ۽ ان تي هميشگي ڪرڻ سان دوام وقوف جو حاصل ٿئي ٿو ۽ قرآن شريف وقتي شغل آهي .ان کي وقت مقرر تي پڙهڻ گهرجي ۽ تنهن ۾ قضائي نہ ڪجي ۽ قرآن شريف مثال پرواني جي آهي جو بادشاهہ حقيقي جي طرفان ٻانهن ڏانهن حضرت جبرئيل عليہ السلام جي وساطت سان موڪليل آهي جنهن جو بيان ڪندڙ حضرت پيغمبر ﷺ جن آهن پوءِ انهيءِ پرواني جي حڪمن کي دل وجان سان تصديق ڪجي ۽ ان تي عمل ڪجي باقي رڳو انهي کي زبان سان پڙهڻ وبال جو سبب آهي. جيئن تہ حديث شريف ۾ فرمايل آهي تہ :

”رُبَّ تَالٍ لِّلْقُرْآنِ وَالْقُرْآنُ يَلْعَنُهُمْ“

يعني: گهٹائي شخص قرآن شريف جا تلاوت ڪندڙ آهن ۽ قرآن شريف انهن کي لعنت پيو ڪري .

۽ قرآن شريف جي حڪمن جي بجاءِ آوري هيءَ آهي جو شريعت ۽ سنت جي متابعت ۾ پورو هجي . جيڪڏهن اهو عمل ۽ حڪم بجاءِ نہ آندو ويو تہ بي نصيبي ۽ بي ادبي کانسواءِ پڙهندڙن کي ڪو فائدو ڪون پهچندو .

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 47: خالقڏنو فقير وساڻ (علي بحر واهه واقع پرڳڻي روپاهه جو) نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فقير محمد انڙ (رهندڙ ديهه ڪاڪ واقع پر ڳڻي چاچڪن) وٽ تشريف فرماٿيا .جڏهن سندس گهر ۾ اچي لٿا ،تڏهن زيارت ڪندڙ مشتاقن جو ايترو ته انبوهه گڏ ٿي ويو،جو ڪولين ۽ مڪڙن وانگر خلق جا هشام ٿي ويا، اهڙي پيهه ٿي وئي جو سب ڪنهن کي زيارت ڪان مشرف ٿيڻ اهنجو ٿي پيو، جيڪي عورتون پهراڙي جون اتي خاص ڪري زيارت ڪرڻ لاءِ آيون هيون، تن کي جڏهن روبرو زيارت ڪرڻ جو موقعو نه ملي سگهيو تڏهن گهر جي پويان جا لئي جي ڪاڻين جي ڪنڊي ڏنل هئي تنهن کي سوراخ ڪري سائين جن ڏانهن نهاري ڏڻائون ته پاڻ پڻي مبارڪ ڪيو وينا آهن ، تڏهن وڏي روڄ ، ايلاز ۽ منڙن سان عرض گذاريائون ته حضرتا! پنهنجو منهن مبارڪ اسان ڏي ڦيرايو ته زيارت جي شرف کان مشرف ٿيون . پاڻ کين جواب ۾ فرمايائون ته اسان جو منهن الله تبارڪ وتعاليٰ جل شانه طرف آهي ۽ توهين پنهنجي دل وارو منهن اسان ڏي ڪري ڇڏيو .

نقل48 : ميڏنو فقير پليچو نقل ڪري ٿو ته پاڻ سفر ۾ هڻاءِ آئون رقيب ساڻ هوس جڏهن ٽنڊي قيصر (نظاماڻي جي) ۾ پهتا تڏهن مون اتان موڪل لاءِ خدمت مبارڪ ۾ عرض گذاريو،پاڻ فرمايائون ته ڇا لاءِ ٿو وڃين؟ عرض ڪيم ته حضرتا! پني آباد ڪرڻ اٿم ،فرمايائون هائو بڊي جو مهينو آهي يعني پوڪ وارو مهينو آهي. جڏهن سندن اهو ڪلام مبارڪ ٻڌم تڏهن مونکي اچي روئڻ ڇڻو .تنهن تي پاڻ نقل بيان فرمايائون ته ڪو شخص هڪڙي بزرگ کان طريقي ۾ داخل ٿي دست بيعت ٿيو هو .پوءِ هڪڙي ڏينهن پنهنجي مرشد جي حضور ۾ عرض گذاريائين ته حضرتا! ڪابه ترقي ۽ طلب جي زيادتي حاصل ڪا نه ٿي ٿئي.شيخ پڇيس ته مشغولي ڪهڙي ڪندو آهين ؟ عرض ڪيائين ته ربيع ۽ خريف جي پوڪ ۾ مشغول آهيان فرمايائنس ته تنهنجي عمر ته پوڪ جي ڏنڊي ۾ گذرندي پئي وڃي خدا تعاليٰ جي طلب ڪٽي اٽئي جو ترقي ٿئي .

مئے صرف وحدت کسے نوش کرد
کہ دنیا وعقبیٰ فراموش کرد

يعني: خاص محبت جو شراب انهن شخصن کي نصيب ٿئي ٿو ، جي دنيا ۽ آخرت ٻنهي جهانن کي وساري پاڻ کي محو ڪري ڇڏين .

نقل 49: پاڻ هيڪر سانگهرن جي ڳوٺ ۾ نزول فيض شمول فرمايو هئائون، اتي مسو فقير نظاماڻي حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿيو ۽ ويهڻ بعد ڪيس روڄ اچي شروع ٿيو.پاڻ فرمايائونس ته اي مسو! جيڪڏهن سچو پچو ۽ دلي درد وارو روڄ ڪرين ته هوند الله تعاليٰ جل شانه توکي حاصل ٿي پوي .

اي عزيز! روڄ جا ايڪويهه قسم آهن .تن مان ويهه رڳو دنياوي غرضن ۽ نفساني ماتمن لاءِ آهن ،باقي هڪڙو قسم تن مان خاص الله جل شانه لاءِ آهي . جيڪڏهن اهو روڄ ساري ڄمار ۾ هڪ دفعو به ڪنهن شخص کي اچي وڃي ته اهو شخص ولين مان ٿي ويندو .

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گریہ و زاری عجب سرمایہ است
تابہ شہر دل قوی تر پایہ است
گریہ و زاری اگر بہر خدا است
می رساند مرد رابر راہ راست

يعني :روح ۾ زاري عجب موڙي آهي جو دل جي شهر لاءِ محڪم ۽ مضبوط وٽ آهي . جيڪو روح ۾ دانهون خاص خدا تعاليٰ جي لاءَ آهن سي مڙس کي سڌي رستي تي پهچائي ڇڏين ٿا.

نقل 50: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته هيڪر آءٌ خدمت فيضِ موهبت ۾ حاضر هوس، ته هڪڙي شخص سندن پنيءَ مبارڪ کان اچي ڪلهن مبارڪن تي زور ڏيڻ شروع ڪيا، پاڻ منهن مبارڪ ڏانهنس ڪري فرمايائون ته خدمت جو غرض به الله تبارڪ وتعاليٰ جي طلب آهي. پوءِ ڪپي ته خدمت جي شغل وقت محبوب حقيقي جي يادگيري کان غافل نه ٿي ويجي.

حضوری گرہمی خواہی از وغائب مشو حافظ
متٰی ما تلق، من تہویٰ، دع الدنیا واہلہا

يعني: اي حافظ! جيڪڏهن محبوب جو حضور گهرجئي ته ان کان غافل ۾ ويسارو بالڪل نه ٿيءُ ۽ جڏهن پنهنجي محبوب مطلوب کي وڃي ملين تڏهن ۾ دنيا وارن کان پري ٿي ساڻس مشغول ٿي وڃ.

نقل51 : هيڪر پاڻ طلب جي ترغيب لاءِ خليفن جي حق ۾ وڏي جوش سان پي فرمايائون، ته اسان خليفن کي خلافت رڳو هن لاءِ ڏني هئي ته خدا تعاليٰ جي خلق جي وڃي هدايت ڪن . پر انهن مان ڪن انهي جي برخلاف خلق کي مقصود سجهي عام ماڻهن وانگر خدا تعاليٰ جي طلب کان رهجي پيا. ان تي پاڻ مثنوي معنوي کان بيان آندائون ،ته هڪڙي باز کي بادشاهه شڪار ونڻ لاءِ پنهنجي هٿان ڇڏيو .باز جو اتان بادشاهه جي هٿ تان اڏاميو، سو شڪار ونڻ جي بدران ويراني ۾ چهرن سان وڃي مليو ۽ انهن چهرن جي مجلس ۾ اهڙو ته خوش ٿي وڃي ويهي رهيو .جو پنهنجي ويهڻ جي اصلي جاءِ (جا بادشاهه هٿ ته هيس سا) بہ وسري ويس . اهڙي طرح اصل مقصد کي وساري غفلت ۾ گم ٿي ويو .

اي عزيز ! سندن اهو فرمودي مبارڪ خليفن سڳورن جي حق ۾ نہ رڳو عتاب ڪري هو ، بلڪ پاڻ کين طلب جي ترغيب ، تحريص ۽ ڪوشش پي فرمايائون ته طالبن جو حق اهو ناهي جو الله تعاليٰ جي طلب کان سرد ٿي خلق سان مشغول ٿي وجن . چوٽي آهي ته "کل باخت کل یافت" يعني سيئي قربان ڪر ته سڀ ملئي .

هڪڙو بزرگ جنهن جو نالو منو فقير هو تنهن کهڙا نہ سهٽا لفظ چيا هئا. ته منهنجو نالو مِنو، مَنو ۽ مُنو آهي . ان جو تفصيل بہ ٻڌائيندو هو ته جڏهن آئون الله تعاليٰ جل شانہ ساڻ مشغول هوندو آهيان . تڏهن منهنجو نالو آهي 'مِنو'، ميم جي زير سان، پر الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذڪر کان

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

غافل ٿيندو آهيان تنهن وقت منهنجو نالو آهي 'مُنو' ميم جي پيش سان ، يعني ٻنهي جهانن جو مُنل ۽ ڇيهي ۾ پيل۽ جڏهن وري الله تعاليٰ جل شانہ ۽ خلق جو وچ ۾ اڏو گابرو هوندو آهيان ان مهل نالو اٿم "مَنو" ميمجي زبر سان جو سنڌي ٻوليءَ ۾ سست ۽ ڪم همت کي چئيبو آهي .

اي دوست! انهن لفظن ۾ ٻه هڪڙو نڪتو غريب ۽ اشارو عجيب ڏنل آهي. ته طالب کي ٻن حالتن ۾ بلندي يعني خودپنداري ۽ ڏنگائي يعني الله تعاليٰ جي ذڪر کان غفلت واريون آهن ،حجاب کان سواءِ ٻيو ڪجهه ٻه حاصل نٿو ٿئي . البت هينائين ۽ عاجزي واري حال ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جو محبوب ۽ معشوق ٿي پئي ٿو. تڏهن ته چيو اٿن:

جز عجز بیچارگی نقدی ندارد خواجگی

صوفیان در دو عیدم نزنند
جزرہ نیستی قدم نزنند

يعني: صفا صاف صوفي ٻنهي عيدن ۾ دم نه هڻندا آهن، يعني خوشي نه ڪندا بلڪ نيستي جي واٽ کان سواءِ قدم ٻي هند نه رکندا آهن .

نقل52 :خليفوميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته هيڪر حضور مبارڪ ۾ باغيچي منجهه وينا هئاسون ته پاڻ مون ڏي نهاري فرمايائون ته اي خليفا! پنهنجي ديهه ۾ هڪ هنڌ وينو آهين يا طالبن جي ڪوشش لاءِ آس پاس گهمين ٿو؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا! گهمان گهٽو ٿو. پاڻ فرمايائون ته البت ماڻهو مشغول ٿين ٿا يا نه عرض ڪيم ته گهٽا ٿين ٿا. اتي خليفو محمد حسن شاهه ٻه حاضر وينو هو پاڻ وري ان کان پڇا ڪيائون ته خليفا! اوهين ٻه سير ڪيو ٿا يا يڪجاءِ وينا آهيو؟ خليفو لقمان ٿو چوي ته ٿو ته مون عرض ڪيو ته حضرتا! خليفو سيد محمد حسن شاهه ٻه مون ساڻ گڏ گهمندو آهي. پوءِ عرض ڪيم ته حضرتا! دل جو خيال ته گهمڻ لاءِ ڪونه ٿو ڪڍي ،مگر حضور جن جي فرمان ۽ حڪم موجب گهمڻ نڪرون ٿا. پاڻ فرمايائون ته پيغمبر ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن ٻه ويهڻ اختيار فرمايو هو . تان ته الله تبارڪ وتعاليٰ جل شانہ هي آيت شريف نازل ڪئي :

''وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ''(الكهف : ٢٨)

ترجمو: ته صبر ڏي پنهنجي نفس کي انهن ماڻهن سان ، جص صبح سانجهي الله تعاليٰ جلشانہ جو ذڪر ڪن ٿا ۽ سندن ارادو ۽ نيتون خاص ذات پاڪ لاءِ آهن ،نه ٻي ڪنهن شيءِ لاءِ.

پوءِ پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ جل شانہ فرمايو آهي : وَاصْبِرْ نَفْسَكَ يعني: پنهنجي جسم مبارڪ کي مؤمن لاءِ صبر ڏي ته دل کي ٻه صبر ڏي.

ڪنهن بزرگ فرمايو آهي :

سكندريه پبليكشنز ، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

بہر جائیکہ باشی باخدا باش
نمی گویم کہ از عالم جدا باش

يعني : آئون ائين كونہ ٿو چوان تہ دنيا كي ترڪ ڪري جدا ٿي وچ ،بلڪ هيترو ضرور ڪر جو جت بہ هجين ات پنهنجي مولا سان مشغول رهہ.

نقل53 :هيڪر پاڻ مثال طرح بيان فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪا ٻار واري عورت پاڻي پرڻ يا ٻئي ڪنهن ڪم ڪار لاءِ ويندي آهي تہ پنهنجي ٻار كي ڪجهہ مٺاڻ يا ڪو راندیڪڙو ڏئي ريجهائي ويندي آهي ،پوءِ اهو ٻار انهن راندیڪن يا مٺن ٽولن ريجهي پيو ۽ چپ ڪري وينو تہ كيس پاڻ كان جدا ڪري ڏٽي ڪندي ۽ پنهنجي ڪم ڪار سان وچي مشغول ٿيندي، پر جيڪڏهن ٻار انهن شين سان نہ ريدو، بلڪ روئيندو دانهون ڪندو رهندو ، پوءِ هرو پرو بہ پنهنجي قرب جي ٻاكر ۾ جهلي كيس پاڻ سان گڏ ورتيون ويندي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اهڙي طرح الله تبارڪ وتعاليٰ جلشانہ كان غير خدا جي طمع ركڻ ۽ سوال ڪرڻ قرب جي رستي ۾ رڪاوٽ وجهندڙ ۽ روكيندڙ آهي. پر جيڪڏهن ماءُ جي ٻاكر واري لذت وانگر كوئي قرب جي لذت جو طالب ٿيو ۽ ماسويٰ جي طمع (پوءِ دنياوي ڪم هجن يا معنوي مرتبا ۽ مقامات) سڀ ڏٽاكري ڇڏيندو تہ اهو ضرور اُبِيْتُ عِنْدَ رَبِّيْ يُطْعِمُنِيْ وَ يُسْقِيْنِيْ واري ٻاكر ۾ خوشحال رهندو .

نقل54 : هڪڙو معتبر واري نقل ڪري ٻوتہ هيڪر پاڻ حرم خاني مبارڪ اندر تشريف فرما ٿيا. سندن حرمن محترمن مان كنهن چانورن جو داڳ پي ڪيو. پاڻ ڪاوڙ ۽ جوش سان پير مبارڪ هٽي ڪُني هاري ڏنائون ۽ فرمايائون تہ اسان اوهان كي پاڻ وٽ الله تعاليٰ جل شانہ جي طلب لاءِ آندو آهي ، نكي چانور پڃڻ لاءِ.

نقل 55: هيڪر پاڻ فرمايائون پي جيڪر درگاهہ مبارڪ جي فقيرن جي سموري جماعت كي پوڙ پلاءِ ۽ مٺا سٺا طعام پيا كارائجن پر ائين ڪبو تہ سچن ۽ ڪوڙن جو سنڊو نہ ٿي سگهندو. تنهنكري بك كي اختيار ڪيوسون، جا 'قوت العاشقين' سڏيل آهي، انهيءَ سان سچن طالبن كي روح جي قوت ۽ طلب جي زياتي ٿيندي ۽ ڪوڙن پيٽين كي پل تہ مكر جي سيني تہ بك جي مك لڳل هجي .

نقل56 :هيڪر پاڻ شوق جي غلبي ۾ رنا ٿي ۽ فرمايائون پي تہ هن زماني ۾ طالب ڪوبہ ڪونهي، جنهن كي ڏس سو دنياوي غرضن ۽ نفساني مرادن ۾ پريو پيو آهي. خليفو ميان سلطان فقير حاضر هو تنهن عرض گذاريو تہ حضرتا! سائين جن جو فرمودو بلاشڪ بر حق آهي، اسين طالب ڪهڙا ٿياسون جو اوهان ڪريم پنهنجي ڪرم سان سڀ ڪنهن كي گهر جي در تي وچي الله تبارڪ وتعاليٰ جل شانہ جي ڪوٽ ۾ دعوت فرمائي ، طريقي عاليہ ۾ داخل فرمايو اٿو. پرجي اسين طالب هجون ها تہ جيڪر پاڻ دروازي تي اچي هزار ايلاز منٿون ۽ نيزاريون ڪري الله تعاليٰ جل شانہ جي طلب ڪيون ها.

سكندريہ پبليكشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

نقل57 : هيڪر پاڻ ڳوٺ هالن ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، دعوت جي صاحب سائين جن کي پنهنجن عزيزن جي مقبرن ڏانهن ختمي چوڻ لاءِ عرض گذاريو. پوءِ جڏهن پاڻ مقبرن جي زيارت کان اٿيا تڏهن فرمايائون ته اهلِ قبور لاءِ ولين سڳورن جي دل جي حضور جي هڪ گهڙي عوام الناس جي ساري قرآن شريف جي ختميِ بخشڻ کان وڌيڪ موچاري آهي.

اي عزيز ! دل جو حضور اها شيءِ آهي . جنهن لاءِ 'درثمين'(جواهر شمني) ۾ ڪنهن بزرگ فرمايو آهي ته :

بآب روی تاخسی
بہ ہوا پری تا مگسی
دل بدست آوری تا کسی

يعني: جيڪڏهن پاڻي مٿان پنڌ ڪيون هليو وئين، ته ڪڪ کان وڌيڪ ڪو ڪمال ڪونہ ليکبو چو ته درياءَ جي مٿان ته اهي ڪک بہ پيا وڃن ۽ جي هوا تي اڏامين پيو ته بہ ڇا ٿيو مکيون ڪين پيون اڏامن ڇا؟ پر جي حضور دل جو حاصل ڪري وڏءِ ته پوءِ بلاشڪ باڪمال لائق شخص آهين ۽ هي بہ لکيو اٿس ته:

روزہ داشتن صرفہ نان است
ونفل گزاردن کار پیر زنان است
وبحج رفتن تماشای جہاں است
و دل بدست آوردن کار مردان ست

يعني: روزو رکڻ ماني جي بچت آهي ۽ نفل ادا ڪرڻ ته پوڙهين عورتن کان بہ ٿي پيا سگهن ۽ حج وڃڻ جهان جو تماشو ڏسي اچڻ آهي ، جنهن ۾ ڪابہ مشڪلات ڪانہ آهي .پر دل جو حضور حاصل ڪرڻ اهڙو ڏکيو ڪم آهي جو مڙسن کان سواءِ ٻيو ڪو اتي هام نہ هڻي سگهندو.

دل بدست آور کہ حج اکبر است
از ہزاراں کعبہ یکدل بہتر است
کعبہ بنگاہ خلیل آزر است
دل گزر گاہ جلیل اکبر است

يعني: دل جو حضور هٿ ڪر چو ته اڪبري حج اهو اٿئي ،ظاهري هزار ڪعبن کان هڪ دل زياده موچاري آهي .ڏسين نہ ٿو ڪعبو حضرت ابراهيم عليہ السلام جي اڏيل جاءِ آهي دل خود الله تبارڪ وتعاليٰ جلشا نہ جو گذر گاهہ آهي.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل58 : پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي شخص پنهنجي ٻانهي کي جهار تڙڻ جي لاءِ پنهنجي پوڪ تي ويهاريو هو، جهار هئي کا تمام گهٽي. ٻانهي ويچاري تڙي تڙي ٽڪجي پئي آخر جڏهن جهار هڪلڻ ڪري بي حال ۽ بي تاب ٿي وئي تڏهن سمهي پئي ۽ نندِ ونِي ويس جڏهن سندس مالڪ آيو تڏهن اچي پڇائينس جهار ڪئين هئي؟ جواب ڏنائين تہ جيستائين جاڳيس پي تيستائين ڏاڍي هئي پر جڏهن نندِ ونِي ويم تڏهن هڪ جهرڪي ٻہ اصل کانہ هئي. پاڻ انهيءِ مثال تي فرمايائون تہ طالب جيستائين هوشيار ۽ سجاڳ آهي تيستائين انهيءِ ٻانهيءِ وانگر بيفائدن خيالات واري جهار کان واقف آهي پر جي غفلت جي نندِ ونِي ٿي وڃيس تہ پوءِ سمجهي ٿو تہ اها خيالات واري جهار آهي ئي کانہ. حالانڪ اها پراگنده خيالات واري جهار سندس جمعيت وارو آن لٽيو ناس ڪيو پئي وڃي .

نگہدار دم را کہ عالم دمی است
دمی پیش دانا بہ از عالمی است

يعني: هر گهڙي کي نگاهہ ۾ رک تہ غفلت ۾ نہ گذري وڃي .هي جهان ڪل ساعت کن آهي ۽ دانائن وٽ هڪ دم ساري جهان کان وڌيڪ قيميتي آهي .

ہر خیال غیر حق رازد دان
ایں ریاضت طالبان را فرض دان

يعني: غير جي سپ ڪنهن خيال کي چور ڪري سمجهہ ، جو دل جي خزاني مان جمعيت جا گوهر لٽيو پيو وڃي . انهن چورڻ جي تڙڻ جي رياضت طالبن جي لاءِ فرض ڪري ڇاڏ .

نقل59 : جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر درگاهہ مبارڪ تي حاضر هوس پاڻ مسجد شريف ۾ وينا هئا. ۽ طالبن جو وڏو انبوه اچي گڏ ٿيو ، اڪثر تہ چوڏاري وينا هئا ۽ ڪي وري ٻاهران وينا ايي پيرين بينا هئا تہ انهي وچ ۾ هڪ شخص ڏاڍيان سڏ ڪري عرض ڪيو تہ حضرتا! هن ٻانهي ڏي توجہ جي نظر فرمائي نهاريو تہ زيارت ڪيان. پاڻ جواب ۾ فرمايائونس تہ اي يار! آئون الله تبارڪ وتعاليٰ ڏانهن ٿو نهاريان ۽ تون مون ڏانهن نهار .

نقل60: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون درگاهہ مبارڪ تہ حاضر هوس، اڪثر سندن روش مبارڪ هوندي هئي تہ سومهياڻي نماز ادا ڪرڻ کان بعد حويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرمائيندا هئا، ۽ پوءِ گهٽي دير کان بعد جو اڪثر فقير نندِ پئجي ويندا هئا ، پاڻ اندران ٻاهر تشريف فرمائيندا هئا . ۽ ڪُجهہ ڪُوهہ ۾ آهستگي سان مسجد شريف ۾ لنگهي اچي ويهندا هئا، پوءِ اتي فقيرن کي خبر پوڻ بعد صحبت جي نعمت عظميٰ کان مشرف فرمائيندا هئا. هڪڙي رات جڏهن پاڻ حويلي مبارڪ ڏانهن سومهياڻي بعد اسريا، تڏهن آئون ۽ ٻيا ٻہ ٽي فقير سندن قدم فيض لزوم جي انتظار ڪري در ۾ اکيون پائيو وينِي نهاريوسون تہ ايتري ۾ پاڻ تشريف فرمايائون ۽ اسان کي پنهنجي اڇ جو منتظر

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڏسي شفقت ۾ رحم مان هي بيت چيائون .

آگم ڪيو اچن، سڃڻ سانوڻ مينهن جان
پاسي تن وسن، جي سپ ڇماندر سڪيون

نقل 61: هيڪر پاڻ ڪجھ طبع ناخوش هجڻ سبب بدن ۾ لاغر ٿي پيا هئا،انهي حال سان مسجد شريف ۾ تشريف فرما ٿي ڪٻڙ هينان وينا ۽ صاحبزادن کي گھرائي وصيت جي طرح وڏي جوش سان فرمايائون ته بابا! جيڪڏھن اسان جي وصال کان پوءِ پنج ھٽ پٽڪي جا مٽي تي ٻڌي پاڻ کي پير جو پٽ ڪوڻائيندو ته ٻ خلق جي مسخر ڪري وجھندو ، پر مطلوب محبوب حقيقي جو حاصل ٿيڻ سچائي ۽ اندر جي صفائي کان سواءِ هرگز نه ٿي سگھندو .

نقل62 : هيڪر پاڻ جامع ملفوظات ﷺ کي فرمايائون ته تنھنجي ھن ويران گھر (جنھن مان مراد آھي بدن) ۾ھڪ وڏو خدائي خزانو رکيل آھي ۽ انھي ۽ خزاني جو ھٽ اچڻ ھن گھر جي ڍھڻ کان سواءِ بلڪل محال آھي. پر ھي گھر آھي ته پٽو ۽ بي بنياد ڪلر ڪاڏل جو اڃ نه ڍڻو ته سياڻ ضرور ڍھي، پوءِ جي تو پاڻ پنھنجي ھٽن سان ھن گھر کي ڍاھي خزانو ھٽ ڪندين ته اھا ملڪيت ڪل تنھنجي آھي ۽ جي پاڻ نه ڍاڻئي ته پوءِ اھو تنھنجو گھر ملڪ الموت جي ھٽان ڪنھن ڏينھن ضرور ڍھڻو آھي ۽ اھا دولت عظيم يعني محبوب حقيقي جو وصال سو ٻ نڪري ويندءِ،.

شاھ عبدالطيف ڀٽائي قدس سره چيو ته :

مرڻا اڳي جي مُئا، سي مري ٿين نه مات،
ھوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا

چوندڙ : ڪھڑو نه ڇڳو چيو :

جان بجانان دہ وگر نہ از تو بستاند اجل
خود تومنصف باش اے دل ایں نکو یا آن نکو

يعني: ساھ محبوبن کي ڏئي ڇڏ نه ته ڪڏھن نه ڪڏھن موت ٻ ضرور ڦري ويندءِ. اي دل! انصاف ڪر ته محبوبن کي ساھ جي سوڪڙي ڏئي ڇڏين ته اھا ڇڳي ڪي موت جي ھٽان ڦرائي ويھين ته اھو بھتر .

نقل 63: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته ڪنھن شخص پنھنجي نياڻي پرڻائي ڏني . پوءِ سندس ماءُ ڪيس ھڪ نڪر جي ڪُني ڏئي چيائنس ته جڏھن ھي ڪني تو وٽ پڄي پوندي تڏھن توکي پاڻ وٽ گھرائي ملاقي ڪنداسون، جڏھن اھا ڇوڪري مڙس جي گھر وئي تڏھن اھا ڪني استعمال ۾ آڻڻ شروع ڪيائين آخر ڪيتري مدت کان پوءِ ھڪڙي ڏينھن انھي ڪني کي باھ جي تؤ کان ڦوٽ ٿي

سكندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

پئي، پنهنجي سسٹس وٽ وڃي ڳالهه ٻڌايائين تہ ڪنهي قوت ڪاڏي آهي . ساڻس يڪدم مٺي سان محڪم ڪري ڏنس ۽ هميشہ اهڙي ريت جڏهن بہ ڪنهي کي قوت ٿيندي هئي تڏهن سندس سس سوگهو ڪري ڇڏيندي هئس .تان جو ڪيترا ڏينهن ائين گذري ويا .نيٺ هڪڙي ڏينهن چوڪري کي ماءُ ۽ پيءُ اچي ياد پيا ۽ پيڪن جي پور ۾ روئي ڏنائين ،روئيندي انهي ڪنهي ۾ ڏوئي جا گهمايائين وينهي ، سا هٹي پيچي رکائين ۽ سس چيس تہ اي نياڻي هينئر خوش رهہ جو توکي پيڪن ڏي موڪل ڏني سون

پاڻ انهي هنڌ فرمايائون تہ انهي چوڪري وانگر جيستائين کي طالب بہ پنهنجي موهوم هستي واري ڪنهي پيچي ناس نہ ڪندو . تيستائين الله تعاليٰ سان واصل نہ ٿي سگهندو ۽ هي دوا درمل جي بدن جي علاج لاءِ ڪيا وڃن ٿا سي مثال انهي ليپ جي آهن جي انهي نينگري جي سس ڪنهي کي ڪندي رهندي هئي ۽ سس مان مراد آهي نفس ۽ شيطان، جي مرض جي لاحق ٿيڻ وقت چڳيلائي ۽ تندرستي لاءِ صلاحڪار بٹجن ٿا، پر جڏهن طالب محبت جي جذب ۽ ڪوشش ۾ عشق ۽ شوق جي ڏوئي سان پنهنجي هستي واري ڪنهي کي پيچي ڇڏي تہ پوءِ محبوب حقيقي جي وصال کان خوشحال ٿي وڃي ٿو.

اي عزيز! اها هستي موهوم توکي الله تعاليٰ جلشانہ کان حجاب آهي اهو حجاب کڻ تہ وصال ويجهوڏسين جيئن تہ ان باب ۾ قول وارد آهي:

"وجودك ذنب لايقاس به ذنب"

يعني:تنهنجي اها هستي ۽ وجود ئي اهڙو گناهہ آهي جو ان جهڙو ٻيو ڪوبہ گناهہ نہ ٿو ٿي سگهي.

میاں عاشق ومعشوق ہیچ حائل نیست
توخود حجاب خودی "حافظ" از میاں برخیز

يعني: اي حافظ! عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾تہ ٻيو ڪوبہ پردو ڪونهي . تو پاڻ پنهنجي لاءِ حجاب بٹيو وينو آهين سو وچان اٿي وڃ تہ وصال ٿي پوي.

نقل64 : سليمان فقير پٹو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ ٿر ملڪ ۾ ڏنهي ڳوٺ کان اونداهيءَ رات ۾ سوار ٿيا پئي آيا. پٹ وارو پاسو هو ۽ آئون بہ سندس رڪيب سان حاضر پي آيس . سواري هلندي اتفاق سان منهنجي نظر هڪڙي باهہ تي پئجي ويئي ، جو پري پنڌ کان نظر پي آئي . اوچتو ئي منهنجي زبان کان نڪري ويو تہ اجها باهہ ! پاڻ اهو سخن ٻڌي فرمايائون تہ اي يار! هن باهہ کي ڇڏيو ۽ پنهنجي اندر جي باهہ کي ٻاريو ، ڇو تہ اسان جو ڪم اندرين باهہ ساڻ آهي.

اي عزيز! انهي فقير جي اندر ۾ پنڌ چوڪڙي ڪري بي جمعيتي ۽ پريشاني اچي وئي هئي، جنهن ڪري اندر جي مشغولي کان منهن مٺي باهہ جي ڏسڻ ۾ مشغول ٿي ويو هو. انهيءَ بي جمعيتي جو اثر هو جو سندس زبان مان بي ساختہ نڪري ويو تہ اجها باهہ .پاڻ سندس سموري حقيقت کان واقف هئا. تنهن ڪري کيس مٹيون جواب ڏئي سيني جي باهہ، يعني محبت جي ٻارڻ بابت امر

سكندريه پبليكشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

فرمايائون. يعني بي آرامي کي ڇڏي دل سان مشغول ٿي ويو .

نقل 65: سيد موليڏنو شاھ نقل ڪري ٿو ته ھيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته ھڪڙي بزرگ کي ڪنھن شخص چيو ته توھان جو فلاڻو مريد ڏاڍو ڪامل مڪمل ۽ زماني جو يگانو ٿي ويو آھي ، ان بزرگ اھا ڳالھ ٻڌي ان مھل ڪٽي مات ڪئي ، پوءِ ڪيتري وقت ڪانپوءِ اھو مريد پنھنجي مرشد جي خدمت ۾ آيو ، بزرگ انھي ڳالھ ڪندڙ شخص کي مخفي طرح سمجھائي ڇڏيو ته آئون پنھنجي مريد کي ھڻ ۾ ڏيئي ڳالھين ۾ مشغول ٿيندس ، تون پوئتان ھڪڙو پٿر ڪٽي ھٽجانءِ ، پوءِ اھو بزرگ پنھنجي انھي مريد سان ڳالھين ۾ مشغول ٿيو . تڏھن انھي شخص ھڪ وڏو پٿر ڪٽي مريد کي ٽڪاءَ ڪرايو ،تڏھن ھو منھن ڦيرائي اوڏانھن نھارڻ لڳو ، بزرگ اھو حال ڏسي سندس ھڻ کي ڦٽو ڪري چيائنس ته وڃ اي ڪچا!

نقل66 : ھيڪر پاڻ ديھ اوجل راجڙ واقع ٽر ۾ پنھنجي شاديءَ جي لاءِ تشريف فرما ٿيا ھئا.جڏھن پاڻ اندر گھر مبارڪ ۾ ويٺا ھئا،تڏھن ھڪڙي عورت مريدياڻي گھر کان ٻاھران ٻيھي سائين جن ڏانھن نظر وجھي نھارڻ ٻيٺي، پاڻ ڏسڻ شرط حاويلي مبارڪ مان ٻاھر نڪري مريدياڻي مٽين کي ھڻ سان پاڻ ڏانھن اشارو ڪري فرمايائون ته اي امان! اسان کي دل واري اک سان ڏسڻ گھرجي، نہ مٽي واري اک سان.

نقل67 : خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو ته ھيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر ھوس ته ھڪڙو فقير جو حضرت مرشد مڪمل قدس سره جي روبرو ويٺو ھو، منجھن اکيون ڦاڙيون جوھ ھٽيون اھڙو ته پي نھاريائين جو اک ٻہ ڪاڻ پيو ڇنبي. پاڻ ڏانھس نھاري فرمايائون ته اي يار! طالب کي ائين ئي کپي، پر رڳو ھن ظاھري صورت ۾ ڏسڻو نہ آھي بلڪ معنيٰ ڏئي ٻہ ضرور اڳ ۾ ئي واجھائي نھارڻو آھي . ان ڪانپوءِ انھيءِ تي مثال بيان فرمايائون ته بھار جي دل وٽندڙ مند ۾ ته خوشبودار گلن جي خوشبوءِ کان سڀ ڪنھن جو دماغ معطر ٿيندو آھي .مگر خزان جي موسم ۾ انھن گلن جي خوشبوءِ کان اھي شخص بھرياب ٿي سگھندا ، جن بھار جي موسم ۾ گلاب جو عرق حاصل ڪري پاڻ وٽ محفوظ رکي ڇڏيو ھوندو .

نقل68 : ساڳيو خليفو صاحب نقل ڪري ٿو ته ڪن ڏينھن ۾ سائين جن جي روش مبارڪ ھيئن ھوندي ھئي ،جو خلقِ خدا جي ھدايت لاءِ پنھنجي ڪوشش سان گڏ صاحبزادن سڳورن کي ٻہ انھيءَ سعي ۾ شريڪ فرمائيندا ھئا. جيئن ته صاحبزادي ميان محمد حسن شاھ کي امر فرمايائون ته اي بابا! جن فقيرن جو پنھنجي دل ڏي منھن آھي (يعني اھل دل) تن کي تون پاڻ وٽ ويھاري طلب جي ڪوشش ۽ ھوشياري جو سعيو ڪندو رھ! جيئن ھڪ گھڙي ٻہ الله تعاليٰ کان غافل نہ ٿين ۽ انھن فقير کي ٻہ پاڻ وٽ سڏي امر فرمائي ڇڏيائون ته اسين حاضر نہ ھجون ته توھين سڀ صاحبزادي ميان محمد حسن شاھ سان صحبت رکجوءِ جيڪي فقير وجد وارا ۽ جوش جا صاحب ھئا .تن کي حڪم فرمايائون ته اوھين صاحبزادي ميان محمد عطا شاھ سان ھم صحبت ٿجو، پوءِ جڏھن پاڻ حويلي مبارڪ ڏانھن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اسرندا هئا .تڏهن صاحبزادو ميان محمد حسن شاهه صاحب جماعت سميت مسجد شريف ۾ اترين پاسي کان وڃي مراقبي ۾ مشغول ٿيندا هئا، سڀ ڪنهن جو ڌيان دل ئي دل ڏانهن رهندو هو. حضرت صاحبزادو صاحب جن به هر وقت هوشياريءَ سان دل ڏانهن متوجهه ٿيڻ ۽ غفلت کان تنبيهه ڪرڻ ۾ ڪوشش فرمائيندا هئا ۽ بي پاسي کان وري ڏڪڻ پاسي تي ميان محمد عطا شاهه جوشيلن فقيرن جي جماعت ونيو عاشقانه ڪافين ۽ غزلن جي پڙهڻ ،ڳائڻ ، جوش ۽ وجد ۾ مشغول رهندا هئا.

اي عزيز ! پاڻ اهڙا ته مسڪينن جا واهرو ۽ ضعيفن جا ياور هئا، جو هر وقت گمراهن کي سنئين رستي ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل هوندا هئا. شال الله سبحانه وتعاليٰ کين انهيءَ دستگيريءِ جو سهڻو عيوض عطا فرمائي آمين .

نقل 69: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته هڪڙو عابد شخص حضرت موسيٰ عليه السلام جي زماني ۾ هوندو هو ، جنهن کي ٻارهن ورهيه گذري ويا جو رات جو هميشه سڄي رات الله تعاليٰ جي عبادت ۾ گذاري ڇڏيندو هو ۽ ڏينهن جو روزي سان رهندو هو. مگر ڪيس عادت هئي ته پنهنجي ڏاڙهي کي تيل ڦٽي ڪرڻ جي گهٽي ڪوشش ڪندو هو .اتفاقاً هڪڙي ڏينهن حضرت موسيٰ عليه السلام سندس حجري وٽان اچي لنگهيو، ان عابد سندس خدمت ۾ عرض ڪيو ته اي موسيٰ عليه السلام ! جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ سان همڪلام ٿيڻ جي شرف کان مشرف ٿيو ، تڏهن هن بي ڪس ۽ بي وس ٻانهي جي طرفان الله سائين جي درگاهه ۾ عرض گذارجو ته بار خدايا! ٻارنهن ورهين کان وڃي لقاءُ جي دولت بي بها لاءِ صائم الدهر ۽ قائم الليل ٿيو وينو آهيان، هيڪر ڪا ته مهر جي نظر فيض اثر هن سڪايل ڏي به مرحمت فرماءِ ! حضرت موسيٰ عليه السلام سندس سوال موجب اهو عرض جناب ڪبريا بي پرواهه ۾ پيش ڪيو، جواب ۾ حڪم آيو ته اي موسيٰ! انهيءِ عابد کي چئجان ۽ ته تون اسان جي طلب لاءِ اتي ڪونه وينو آهين ، بلڪ پنهنجي ڏاڙهيءَ جي خدمت ۽ ناهه نوهه لاءِ سيڙيو وينو آهين . حضرت موسيٰ عليه السلام اهو جواب انهيءَ عابد کي سندس حجريءَ اچي نرمي سان ٻڌايو. فقير ويچارو اهو جواب پر عتاب ٻڌي وسئون نڪري ويو ۽ وڃي دانهون ڪوڪون ڪيائين ۽ انهيءَ ارمان ۽ ڏڪ ۾ پنهنجي ڏاڙهي پٽڻ شروع ڪري ڏنائين ته ايتري ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام ڏانهن وحي آيوته اي موسيٰ انهي عابد کي چئو ته اي بيوقوف! ساري جمار ڏاڙهيءَ جي سينگارڻ ۾ تلف ڪري ڇڏيئي . باقي ڪا ٿوري بچي آهي سا وري ڏاڙهي پٽڻ ۾ چو ٿو ضايع ڪرين ؟ اتي ڪجهه اسانجي ياد گيري ۾ مشغول ٿي .
ڪنهن بزرگ فرمايو آهي ته،

ای کہ پنجاہ رفت درخوابی
مگر ایں پنج روز دریا بی

يعني: اي شخص! جو پنجاهه ورهيه ننڊ ۾ گذاري ڇڏيئه باقي هي پنج ڏينهن اچي رهيا اٿئي جو هٿ ڪرٽا هجن ئي ته ڪري وڃ اهي به ايئن ئي متان هٿان هليا ويندءِ، جيئن پنجاهه ورهيه نڪري ويا.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪنهن پي بزرگ چيو آهي تہ،

دمی بے حق زدن محض گناہ است
بخود مشغول بودن کفر راہ است

يعني: الله سائين جل شانہ جي يادگيريءَ کان سواءِ هڪ دم ڪٽڻ بہ وڏو گناھ آهي، پاڻ سان مشغول رهڻ طريقت ۾ ڪفر جي برابر آهي.

ٻئي هنڌ آيل آهي:

نگہدار دم را کہ عالم دمیست
دمی پیش دانا بہ از عالمیست

يعني: پساھ کي نگاھ رک چو تہ جهان ڪل هڪڙو دم اٿئي، هڪ دم سياڻي ماڻهو وٽ جهان کان وڌيڪ قيمتي آهي.

نقل70 : جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آڻون سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿيو هوس . پوءِ پاڻ مونکان حالات بابت پڇا فرمايائون .عرض ڪيم تہ حضرتا! سائين جن جي صورت مبارڪ کانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهہ نفي آهي.پاڻ فرمايائون تہ هينئر توکي 'نفي اثبات' جو شغل تلقين ڪنداسون ، پوءِ پاڻ انهي شغل جو امر فرمائي مشغول ڪيائون ، جڏهن رخصت ياب ٿي پنهنجي ديهہ ۾ آيس ۽ حڪم موجب نفي اثبات جي شغل جي مشغولي جاري رکيم جو هڪ دم ۾ ويهن عدد تائين پهچائي ڇڏيم، انهي ساڻ توحيد جي حالات جي مشاهدي مون تي غلبو ڪيو ،جيئن تہ سڀ حيوان خواه جمادات ،ڪک ، پن ،پترن، ڪرن، وٽن ۽ ٽٽن سڀ ۾ مشاهدو پئي ڪيم ،سندن صورتون هڪ گول ڪمري وانگر هڪدم ڪٽڻ سان مٽي هوا تي چڙهي پي ويون ۽ ان جي هينان بہ حق تعاليٰ جل شانہ جي انوار جو مشاهدو پي ڏٺم ،پوءِ ويهن ڏينهن گذريٰ بعد مونکي ٽيئڙ تپ جي واري جو اثر ٿي پيو ۽ زور جي تپ اچي ويو ، جنهن ۾ مٽين حالت جا باطن ۾ حاصل ٿي هئي ، سا پڻ گم ٿي ويم ،بس پوءِ تہ هڪ تپ جي گرمي ۽ ساڙو پيو وري مشاهدي واري دولت هٿان وڃڻ جو جوش ، ڏک تي ڏک ۽ درد تي درد وڌي ويا ۽ ماهي بي آب وانگر تڙپڻ جي حالت ۾ ٿي رهي.

ديدار می نمائی وپرہیز می کنی
بازار خویش وآتش ماتیز می کنی

يعني: اي محبوب! تجلي پنهنجي جي ديدار کان مشرف ڪري وري جو حجاب ٿو ڪرين تہ پنهنجي حسن ۽ جمال جي بازار تيز ڪري ڇڏين ٿو ۽ اسان جي سوز سڪ واري باھ کي ڀڙڪائي ٿو ڦٽو ڪرين.

انهيءَ تپ جي اثر کي ڏهہ مهينا کن گذري ويا تہ وچ ۾ وري درگاھ مبارڪ تي

بہ حاضر ٿيڻ جو ست نہ ساري سگھيم ۽ زيارت کان مشرف ڪونہ ٿي سگھيس، آخر هڪڙي ڏينهن انهي تپ جي اثر سان ئي گهوڙي تي سوار ٿي درگاھ مبارڪ ڏانهن روانو ٿيس ،جڏهن ڪوٽڙي جي پٽ جي چڙهيس تڏهن رات جو وڳڙو هو ۽ وري مٿان مينهن بہ اچي زور سان لٿو ،تنهن ڪري اتي هڪڙي گهوڙي جا سنج لاهي هڪڙي ڪرڙ جي پاڙ ۾ رکي ، انهن جي مٿان ويهي رهيس ، نماز سومهياڻي بہ اتي پاڻي ۽ گپ ۾ ادا ڪيم ، جو سجدي ڏيڻ مهل منهن ، وات ۽ ڏاڙهي سپ گپ ۽ پاڻي ۾ پرجي پي ويا، آخر صبح جو اتان اڳتي روانو ٿيس ۽ منزل بمنزل ڪري اچي درگاھ مبارڪ تي پهتس اتي اچي خبر ٻڌم تہ پاڻ ڳڙهي بختيار خان ڏانهن اسريا آهن ، جو داد پوٽي ملڪ ۾ مشهور شهر آهي ،مونکي ارادو ٿيو تہ اڳتي روانو ٿي آئون بہ سائين جن جي حضور ۾ اتي وڃي حاضر ٿيان ، پر اندران صاحبن سڳورن شفقت پاران جهلرائي موڪليو تہ هينئر اڪيلو نہ وڃ .چو تہ هن وقت بروچن ۽ داد پوٽن جو پاڻ ۾ جهيڙو ٻڌجي ٿو ، دادو پوٽن جي لشڪر اعلان ڪري چڙيو آهي تہ جيڪو ڪنهن بروچ جو مٿو وڍي آٽي ڏيندو، تنهن کي ست رپيا انعام ڏنو ويندو .جنهن ڪري عام طرح جيڪو بہ وڏن وارن ۽ ڊگهي ڏاڙهي سان بروچن جي شڪل سان مشابهہ هوندو آهي ، تنهن کي ماڻهو کهيو ٿا وڃن . پر مونکي تہ اندر ۾ محبت جو کورو ڇپيبون هٽي رهيو هو ، جنهن ڪري هڪ گهڙي بہ آرام ڪونہ پيو اچي ،نيٺ جيئن تيئن ڪري حيلن حوالن سان صاحبن سڳورن کان موڪل ونڻي داد پوٽن روانو ٿيس ۽ وات اها ورتم جا جهنگ ۽ ويران پاسي کان هئي، تنهن ڪري وات تي ماڻهو ڪو نہ پي مليم، هلندي هلندي اتفاقاً هڪڙا بہ فقير (جي سائين جن جي مريدن مان هئا) پي هڪ جماعت سان گڏ منهن چڙهي ويا ، جن ڳالهہ ٻڌائي تہ اڄ رات پاڻ شهر اباوڙي ۾ تشريف فرما ٿيٽا آهن ، پوءِ اتان هلي بہ پهرو اچي خيرپور ۾ ڪيم ۽ اتان وري چڙهي رات جو اچي اباوڙي نڪتس، اتي ميان ابوالخير ڏاهري مليم، تنهن مونکي پاڻ وٽ ترسايو ۽ چيائين تہ منهنجا ماڻهو حضور اقدس ۾ موڪيل آهن. ان شاءَ الله تعاليٰ پاڻ هينئر ئي اچي هن هنڌ وارد ٿيندا ، پر جڏهن نماز جو وقت ٿيو تڏهن هڪڙو ماڻهو اچي نڪتو، ! جنهن چيو تہ پاڻ رات اتي ترسي پيا . باقي صبح کان سويل هت تشريف فرما ٿي مريدن جي عزت افزائي فرمائيندا .جڏهن رات گذري صبح ٿيو تہ آئون اتان سويلي اٿي اچي رستي تہ اڳيرو وڃي سندن انتظار ۾ بيهي رهيس ،تان تہ ڏٽم پاڻ سامهان اچن ٿا،مونکي پري کان منهن مبارڪ تي نظر پوڻ شرط وجد پئجي ويو ، پاڻ بہ ڪمال توجهہ کان اتان ئي گهوڙي تان لهي پيا ۽ موزن سوڌو هلي اچي مونکي پاڪر ۾ ورتائون ۽ فرمايائون تہ اچڻ ۾ چو دير ڪيئ ؟ فقير شادي خان کي بہ ٿيئڙ تپ جو وارو ايندو هو ، پر هو يڪدم اسان وٽ اچي نڪتو تہ تپ کان ڇٽي پيو ،تون بہ جلدي اچين ها تہ جهٽ تپ کان آجو ٿي پوين ها . مون خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! هن ظاهري تپ کان تہ مونکي ڪو اهنج ڪونہ ٿو لڳي ، پر هي خيالات وارو تپ منهنجي پاڙ پٽيو ٿو وجهي، انهي جي تلافي جي ڪا مهرباني ٿئي. پوءِ سموري حقيقت جو احوال ساڻن ڪري گذاريم ، پاڻ فرمايائون تہ اها عاريتي حالت

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هئي ، ڪوشش ڪرين ها تہ هٿان نہ وڃي ها . هاڻي ٻہ ان شاءَ الله تعاليٰ وري الله تعاليٰ اهڙي نعمت اوهان کي نصيب ڪندو ، جا توهان کان ڪانہ ويندي ، خاطر جمع ڪر ۽ تپ واري ڏينهن اسان کي اطلاع ڪج تہ ان جو ٻہ تدراڪ ڪيو ويندو.پوءِ پاڻ جڏهن خيرپور مان تشريف فرما ٿيا ۽ باغ اندر منزل گاهہ فرمايائون تہ اتي مون کي تپ جو واروآيو ، جنهن بابت مون کين ڪو ٻہ اطلاع ڪونہ ڪيو . ڇو تہ دل ۾ ڇيڙ تہ آئون ڪو تپ کان ڇڏائڻ ڪونہ آيو آهيان ، بلڪ مقصود باطني فيض جو حصول آهي ، آخر مونکي تپ اچي ورايو ۽ هڪڙي انجير جي وڻ هيٺان سمهي پيس . پاڻ مون کي سمهيل ڏسي مون وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون تہ توکي شايد تپ اچي ويو آهي؟ عرض ڪيم تہ هائو ، پاڻ فرمايائون تہ پوءِ ڇو اطلاع نہ ڪيئي؟ عرض ڪيم تہ حضرتا! هي تپ مون کي ڪو ايذاءَ ۽ تڪليف ڪونہ ٿو ڏي نہ وري ڇڏائڻ لاءِ خدمت مبارڪ ۾ آيو آهيان، ڪم مطلب سان آهي. فرمايائون تہ اهو مقصود ٻہ ان شاءَ الله تعاليٰ وهندڙوئي حاصل ٿيڻو آهي ، جو هميشہ بقا ۽ ترقي ۾ رهندو . پي واري تي اسان کي ضرور خبر ڪجان ۽ پوءِ پي واري ڏينهن سندس منزل قلعي تڻوٽ واقعي ٿر ملڪ ۾ هئي .اتي ٻہ مون کي ساڳي ارادي ڪري خبر ٻڌائڻ جي توفيق نہ ٿي سگهي پوءِ جڏهن پاڻ مونکي تپ جي حالت ۾ ڏٺائون تڏهن ڏاڍو رنج ٿيا ۽ فرمايائون تہ جيڪڏهن ايندڙ واري تي اطلاع نہ ڪيئي تہ اسين تمام رنج ٿيندا سون ، پوءِ جڏهن واري جو ڏينهن ٿيو . تڏهن سندن امر جي ڪري خدمت مبارڪ ۾ اطلاع ڪيم ، پاڻ انهي وقت تعويذ لکي فقيرن کان ست ۽ ڪپهہ ونڊي پنهنجن مبارڪ هٿن سان ٺاهي مون کي ڏنائون تہ هي تعويذ ڳچي ۾ ڪٽي ٻڌ . مون اهو تعويذ ونڊي مرڪي ڏنو . پاڻ مرڪي پڇيائون تہ ڇا لاءِ ٿو مرڪين ؟ عرض ڪيم تہ اوهان جو امر مٿي اکين تہ آهي ! پاڻ ٿي پيرا وري وري پڇا فرمايائون تڏهن عرض ڪيم تہ حضرتا! جا ڪون اوهان جي مريدي ، ارادت ۽ اعتقاد وارو ڏاڍو پنهنجي ساهہ واري ڪنڊ ۾ وڏو اٿم ،تاڪون پين سڳن ڏاڍن کان استغفار پڙهي ڇڏيو اٿم ، انهيءِ ڏينهن تپ ۾ تخفيف ٿي وئي . نيٺ سندن توجہ مبارڪ جي برڪت سان پنهنجي وڏي مقصود کي وڃي پهتس .

والحمدالله علىٰ ذالك.

نقل71 : خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو ، تہ هڪڙو شخص حاجي محمد نالي رهندڙ پوڄ جو هو سو اڳ ڪنهن پنجاب جي بزرگ کان مريد ٿيو هو ۽ وري پوءِ حضرت مرشد مڪرم ﷺ کان طريقي عاليہ ۾ اچي داخل ٿيو. پوءِ هيڪر آئون سندس خدمت فيض موهبت ۾ حاضر وينو هوس تہ انهي حاجي محمد عرض گذاريو تہ حضرتا! منهنجي دل پهرين مرشد جي صحبت ڏانهن پئي ٿي رغبت ڪري. پاڻ فرمايائونس تہ اي ادا! توکي موڪل آهي مطلب مڙوئي هي آهي تہ الله سبحانہ و تعاليٰ جي طلب ڪجي. مان ڪو بت ڪونہ آهيان جو مون کي ويهي پوڄيندو . خداتعاليٰ جا طالب ٿيو ، پوءِ جتي ٻہ ڪٽي هجو تہ ڪا پراهہ ڪانهي .

نقل72 : خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايائون تہ طالب کي ڪپي تہ جيڪا وک الله

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تعاليٰ جي طلب واري واٽ ۾ رکي ، سا اڳتي وڌائيندو وڃي . پوئتي نہ هٽائي . پوءِ پاڻ هٿ مبارڪ جو اشارو ڪري فرمايائون تہ جيڪڏهن ماني جو هيترو ڳچڙو ڪائي گذارن ڪبو تہ بہ عمر گذري ويندي ۽ جيڪڏهن سڄي ساري ماني ڪائي پيٽ پريو تہ بہ حياتي آخر گذر ٿي ويندي ،جيڪڏهن سادڙا ،ميرا ۽ ڪاتل ڪپڙا ڪري وقت گذاربو تہ گذري ويندو پر جي پليون پليون پوشاڪون ۽ عمده لباس ڪري عيش عشرت ڪري گذاربو ، تہ بہ هي بہ بقا حياتي وفا نہ ڪندي .آخرڪار هر ڪوئي موت جي قلم هيٺان اچڻو آهي پوءِ پاڻ هي لفظ فرمايائون :

ما رج من رجع الا عن الطريق

يعني: منزل مقصود تي پهچي ڪوبہ ڪونہ موٽيو آهي، بلڪ جيڪو موٽيو سو اڌ واٽ مان موٽيو.

ڏٽيان موٽيا ڏير، ڪاڪيان موٽيو ڪونہ ڪو

نقل 73: پاڻ فرمايائون تہ مريد پنهنجي مرشد کي عام مخلوق ٿو سمجهي تہ حقيقت ۾ مرشد کي پاڻ جهڙو ڪري سمجهيائين ، جو پاڻ بہ بشر آهي مرشد کي بہ پاڻ جهڙو بشر سمجهيائين ، انهيءَ حال ۾ ضرور فيض معنوي کان محروم رهجي ويندو ۽ ڪابہ ترقي نصيب حال نہ ٿيندس .

اي عزيز! مرشد جي صورت ۽ حقيقت ساڳي محمدي صورت ۽ حقيقت آهي، تنهن ڪري ان کي خيالي صورت ، انهن عام صورتن وانگر نہ سمجهڻ گهرجي.جن جي حق ۾ الله تعاليٰ جلشانہ فرمايو آهي:

"أُولٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ" (اعراف : ۱۷۹)

ترجمو: اهي ڪافر رڳا ڍور آهن ، بلڪ انهن کان بہ بدتر .

گر نبودے ذات حق اندر وجود
آب وگل را کی ملک کنند سجود

يعني: جيڪڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات ، حضرت آدم عليہ السلام جي وجود ۾ مضمر ۽ مخفي نہ ها تہ رڳو پاڻي ۽ مٽي کي ملائڪ ڇو سجدا ڪن ها.

مثنوي شريف ۾ مولانا جلال الدين رومي ڪهڙو نہ سهڻو فرمايو آهي:

کافراں دیدند احمد را بشر، چوں ندیدند ازوے آں شق القمر
زانکہ او گف دید دریا ندید، زانکہ حالی دید وفردارا ندید

يعني: ڪافرن جو حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ کي رڳو پاڻ جهڙو پي سمجهيو، سو هن ڪري تہ انهن جو عقل ايترو ڪوتاهہ هو جو حضور ﷺ جن جي چنڊ چيرڻ جي حقيقت تي بہ غور ڪري نہ سگهيا، انهن مت جي موڙهن جو واقعو هن مثال آهي. جيئن ڪو سمنڊ جي گجي تہ ڏسي پيو پر سمنڊ جي ڪا خبر ڪانہ هجيس. يار وري اڄ ڏينهن جي حقيقت سمجهي ۽ سپاڻ جو پتو ڪونہ پويس.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٻئي ڪنهن بزرگ فرمايو آهي:

نہ بشر خوانمت اے دوست نہ حور و پری
ایں ہمہ بر تو حجاب است تو چیزے دیگری

يعني: اي دوست توکي نہ بشر سڏيان نہ حور يا پري ڪري پانيان، هي سڀ توتي حجاب آهن تون تہ وچان شيءِ ئي ٻئي آهين.

نقل 74: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ ، هيڪر ڪنهن فقير سندس خدمت مبارڪ ۾ ڏاڍيان آواز سان عرض ڪيو تہ حضرتا! ڪو توجہ تمام ۽ نظر عام سڀني مريدن جي حق ۾ عنايت فرمايو .جنهن سان سڀئي مريد دنيا جا مڙئي اسباب گهڙي جو گهڙي ۾ قطا ڪري الله تبارڪ وتعاليٰ سان مشغول ٿي وڃن پاڻ فرمايائون تہ اي ادا ! ضرور پنهنجي بہ ڪا همت ڪرڻ گهرجي ، ڪر رڳو اسان جي توجہ تي پاڙي ويهي رهندو ، جيئن تہ سنڌي ۾ چوٽي آهي :

رڙهہ آريسر رڙهہ پرکي رن بہ رڙهي.

نقل 75: علي خان ٽالپر چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ سيد حسن شاهہ جي دعوت تي ديهہ ڪڏهري ۾ تشريف فرماٿيا هئا،اتي فقير محمد انڙ (رهندڙ ديهہ ڪاڪ جي) دعوت لاءِ سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض گذاريو . پاڻ فرمايونس تہ جيڪڏهن توکي محبت ۽ قرب هجي هاتہ اڳي اچي دعوت ڪري وڃين ها، هينئر تنهنجي دعوت قبول ڪانہ ڪبي .فقير ويچارو اهي بي پرواهي جالفظ ٻڌي وجد ۽ روچ ۾ پئجي ويو ، پاڻ پوءِ شفقت فرمائي سندس دعوت قبول فرمايائون.

نقل 76: يعقوب فقير نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر کان ٿي درگاهہ مبارڪ تي موٽيا هئا ۽ واپس تشريف فرمائيندي خليفي ميان الهرڪئي قدس سرہ جي ملاقات لاءِ اسريا. جڏهن اتي آيا تڏهن خليفي صاحب ،سائين جن کان پڇيو تہ حضرتا! لاڙ جي سفر ۾ ڪو فقير بہ نظر آيو يا ڪونہ؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ فقير تہ نظر ڪونہ آيو، مگر ڪي طالب البت مليا سون . پوءِ ڪن حاضر خدمت فقيرن جي لاڙ جي سفر ۾ بہ ساڻن هم رڪاب هئا، تن عرض گذاريو تہ حضرتا! توهان بہ انهيءَ فرمودي مبارڪ جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ طالب اهو شخص آهي ،جنهن کي خودي وسريل ۽ خدا ياد هجي ۽ فقير انهيءَ کي چئبو آهي ، جنهن کي نہ خودي ياد هجي نہ خدا، ٻيئي وسريل هجن .

نقل 77 : ساڳيو يعقوب فقير نقل ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايائون تہ طالب جي دل حضرت سليمان عليہ السلام جي تخت جي مثال آهي. جيئن تہ حضرت سليمان عليہ السلام جڏهن پنهنجي تخت تي اچي ويهندو هو تہ ساري جهان جي مخلوقات سندس حڪم جي فرمانبردار ٿي بيهندي هئي ۽ جڏهن تخت تان هيٺ لهندو هو تہ سڀ کو پنهنجي ڪم ڪار ۾ وڃي لڳندو هو. اهڙيءَ طرح طالب جيڪڏهن پنهنجي دل جي تخت تي مسند نشين آهي تہ سڀ خيالات ۽ ڪائنات سندس تابعدار ۽ حڪم ۾ پيا رهندا ، پر جي انهيءَ تخت کان هيٺ لهندو (يعني غفلت ڪندو) تہ پوءِ سندس دل ڪِولين جي

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سوراخ وانگر آهي ، جتان خيالات واريون ڪِوليون ايندیون ويندیون پيون .

نقل78 : خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون درگاهه مبارڪ تي سندس حضور پرنور ۾ حاضر هوس . مجلس ۾ الله تعاليٰ جي طالبن بابت گفتگو هليو ، پوءِ اهي طالب سلوڪِ باطن جي رستي جا سالڪ هجن ،خواه حج جي رستي سان ويندڙ يا جهاد ۾ مسافري ڪندڙ ،يا وري مرشد ڏانهن پنڌ ڪري ايندڙ پوءِ پاڻ فرمايائون ته جنهن شخص کي الله جي طلب واري وات ۾ اڏ منجهه موت جو صياد اچي پهتو هوندو ته به مقصود کي پهتل ڄاڻبو.

جيئن ته قرآن شريف ۾ آيت وارد آهي ته،

وَمَنْ يَّخْرُجْ مِنْۢ بَيْتِهٖ مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ اَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ (النساء : ۱۰۰)

ترجمو: جيڪو به شخص پنهنجي گهران الله جل شانه ۽ رسول ڪريم ﷺ ڏانهن لڏي اتي نڪتو ۽ پوءِ وات تي موت اچي پهتس ته تحقيق ان جو اجر الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذمي ٿي رهيو.

اتي خليفي لقمان ﷺ عرض ڪيو ته حضرتا! انهيءَ اجر جي لازم ٿيڻ لاءِ وڃڻ وارو وقت شرط آهي ، يا موٽڻ وارو وقت به؟ يعني جڏهن اهو في سبيل الله وارو ڪم ڪري موٽي ۽ وات تي وفات ڪري ته به ان لاءِ اهو اجر آهي يا نه ؟ پاڻ فرمايائون ته موٽڻ ته نهيو جي ان ڪم تي ويو ئي نه آهي بلڪ گهر ۾ وينو رهيو ته اچي ويس ته به سندس نيت موجب ڪيس اجر ملڻو آهي .

اي عزيز! سندن انهيءَ فرمودي مبارڪ مان معلوم ٿيو ته جنهن شخص الله تبارڪ وتعاليٰ جي طلب واري رستي ۾ دل ۽ جان سان ڪوشش ورتي ۽ دنيا جي محبت ۽ قرب واري گهر مان لڏي باهر نڪتو ته توڙي ڪٽي هو پنهنجي مقصود (يعني ڪماليت واري درجي) کي نه پهچي ، بلڪ بشريت انساني قيدن ۽ خيالات ۾ (جي انسان لاءِ گهر آهن) وينو رهي ۽ اهڙي حال ۾ موت پهچي ويس ، ته به الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي فضل سان ڪيس ڪامل، پهتلن جي جماعت ۾ داخل فرمائيندو ۽ قيامت جي ڏينهن به انهن جي ئي ٽولي مان اٿاريو ويندو.جيئن ته ان وارد ٿيل آهي:

"من مات فی العشق فقد مات شهیدا"

يعني: جيڪو شخص عشق منجهه وفات ڪري ويو ته اهو شهيد ٿي مئو.

پر اي عزيز! هو سفر ظاهري آهي ۽ سفر باطني آهي. پوءِ اهڙو سالڪ توڙي جو ظاهر ۾ ساڪن ۽ هڪ هنڌ آراميل پيو ڏسجي مگر اندر ئي اندر ۾ ڪوهن جا ڪوهه پنڌ هنيو پيو وڃي .

نقل79 : علي خان ٽالپر نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ ديهه الله بخش ٽالپر جي ۾ گوني واهه جي ڀڪ سان تشريف فرما ٿيا هئا ، پوءِ اتي ڪتاب 'يوسف زليخا' پڙهندي پنهنجي هڪڙي بروچ مريد سان اوريندي شوق ۽ محبت جي غلبي کان مثال طرح بيان پيي فرمايائون ته دنيا هڪ ڪوهه آهي ۽ انهيءَ ۾ مسافرن اچي دلا وڌا آهن،پوءِ جيڪو يوسف هوندو سو انهن دلن کي وٺي باهر نڪري ٿو اچي ، پوءِ چٽائي سان فرمايائون ته دنيا مثال ڪوهه جي آهي ۽ مسافرن جي جماعت مان مراد آهي اولياءَ سڳورن

جي جماعت، جو هن دنياوي کوهه ۾ يوسف جهڙن يعني سچن طالبن لاءِ دلا اچي ٿا وجهن ، پوءِ جيڪو به انهن جي رسي ۽ دلي سان چنبڙي پوندو يعني ارادو ۽ ويساهه مضبوط رکندوتہ جيئن حضرت يوسف عليٰ نبينا و عليه السلام رسي کي وڻڻ سان ظاهري کوهه مان ٻاهر نڪري نروار ٿيو هو تيئن هي به هن ڪميٽي دنيا واري ڪني کوهه جي تري ۽ گنديءَ مان نڪري ٻاهر ٿيندو.

نقل 80: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ ديهه حيدر فقير پرڳڙي جي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي گهٽا ئي نوان مريد تلقين کان بهرياب پي ٿيا، تہ انهي وچ ۾ حيدر فقير پرڳڙي به نئون مريد ٿيڻ جي ارادي سان جاءِ کان اٿيو ، پاڻ کيس فرمايائون تہ اصلي ۽ آڳاٽو مريد ٿيل آهين، هڪڙو آڳاٽو مريد ۽ سو نوان مريد تہ به اڳين جي مٽ نہ ڪنداسون ، پر جيڪڏهن پاڻ کي ڪو پاٽهي طلب ۽ ذڪر فڪر کان پري رکندو تہ اهو مقصود جي وصل کان به محجوب آهي.پوءِ مثال بيان فرمايائون تہ جيڪڏهن کي ٻہ شخص قاصد بٽائي قاصدائپ جو اجورو ڏيئي ڪيڏانهن روانا ڪجن ۽ انهن مان هڪڙو انجام جوجب ڪم پورو ڪري واعدو پنهنجو وچي وفا ڪري ۽ پاڙي تہ اهو ضرور اجوري جو حقدار ٿيندو ، پر ٻيو جو اصل اوڏانهن ويو ئي نہ هوندو تہ انهيءَ کي اجورو وري ڪهڙو پڙ پوندو ؟ بلڪ اهو ناڪام ضرور فائدي کان محروم ۽ اجوري کان مايوس رهندو .

نقل81 : هيڪر پاڻ فقير کي پي فرمايائون تہ اي يارو! جيڪي اسين زبان سان حقيقون ۽ عجيب نڪتا ۽ معرفت جا اسرار بيان ٿا ڪيون ، سي سڀ دل جا راز آهن ، جي اندر ۾ پريل اٿون، توهان کي به لازم آهي تہ رڳو انهن قولن تي، جي دل جي اوبر ۽ فضلو آهن ،ڪفايت نہ ڪيو.بلڪ انهيءَ باطني دل واري خزاني ڏانهن قدم کٹو جنهن هنڌان اهي گوهر بي بها اوهان جي ڪنن تائين پهچن ٿا تہ انهي ڪري وڏين نعمتن کي حاصل ڪري وجهندؤ، پوءِ پاڻ زبان مبارڪ سان هي بيت ارشاد فرمايائون :

نہ زبان زاري ڪري نہ دل چوي الله
اوري اوجون ٿيون روح نہ لڏو راهه
انهن ٽنهين کان ڪا ڳجهي آهي ڳالهڙي.

نقل82 : خليفو لقمان عليه ﷺ نقل ڪري ٿو ، تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ سوئي قندر جي ديهه منجهه نزول فرمايو هئائون ۽ اتي پاڻ ڪٹ تي آراميل هئا ۽ وچي فقير نالي هڪڙي ڪڙمي، سائين کي زور پي ڏنا، فرمايائون تہ طالب کي جيڪي به ڪمالات ۽ مقالات مان ڪو حصو نصيب حال ٿئي ، تہ اهو پاڻ کان تہ سمجهي بلڪ ڄاڻي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ کان عطا ٿيو آهي ۽ پاڻ تہ ڪوبہ اعتبار نہ رکي ، اتي وچي فقير عرض ڪيو تہ اسانجي ملڪيت ۾ به ڪجهه آهي يا ڪونہ ؟پاڻ فرمايائون تہ منهنجي ملڪيت ۾ ٻيو ڪجهه ڪونهي ! مگر ڏاندن جو جوڙو ۽ هر پانجاري .فقير سمجهيو تہ پاڻ مون سان خو شطبعي ٿا ڪن ۽ مجلس وارن ماٹهن ائين به خيال ڪيو،تنهن ڪري سڀ چپ ڪري ويا ، ڪجه دير کان پوءِ فرمايائون تہ اي يار! جيڪي اسانجو چيو سو سمجهيو اٿئي يا ڪونہ سمجهئي؟ فقير تہ

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جواب ڪونہ ڏنو .پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ڏاندن ۾ هر پانجاري مان مراد آهي ، انسان جي ڪوشش ۾ سعيو. جڏهن تہ ڪڙمت جي ڪم ۾ بہ ڪڙمي ۽ جي اختيار ۾ رڳو اهي شيون آهن ، باقي بج جو ڄمائڻ يا ان جو وڌائڻ گهٽائڻ سندس وس کان ٻاهر آهي، تهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جل شانہ جي طلب ۾ انسان جو اختيار ۾ وس رڳو ايترو آهي تہ رڳو پنهنجي ڪوشش ۾ سعيو هلائي، باقي ترقي يا ڪمالیت جو نصيب حال ٿيڻ سڀ الله سائين جلشانہ جي مهر سان ميسر ٿيندا ، نہ سندس اختيار سان. پوءِ ان تي هي آيت شريف تلاوت فرمايائون:

وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى (النجم : ٣٩)

ترجمو: انسان لاءِ اها ئي شيءِ آهي، جيڪي سعيو ڪيائين.

نقل83 : حاجي بچو فقير نقل ڪري ٻوتہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ اي يارو! ڪوشش ڪندا رهو ۾ پنهنجي دل ڏانهن منهن رکو ۾ غفلت کي هرگز اندر ۾ جاءِ نہ ڏيو . متان هي بي مثال نعمت هٿان وڃائي ڇڏيندا هجو! خدا تعاليٰ جاطالب اهڙي طرح تيار ۾ منتظر مستعد رهندا آيا آهن، جيئن ڪا پري پيل نياڻي پنهنجي پيڪن مائٽن لاءِ تيار ۾ منتظر رهندي آهي.

نقل 84: اميد علي ٽالپر نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ خليفي بخش علي ٽالپر جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، اهو خليفو ديهہ جان محمد ٽالپر جو رهندڙ هو جو اها ديهہ پراڻ جي ٻيڪ سان آهي . پوءِ جڏهن پاڻ خليفي جي حويلي مان زيارت ڪرايو اوطاق ڏانهن پي آيا، تڏهن واٽ تي هڪڙي مجذوب عورت ملين جنهن پنهنجي لوئي ڪلهي تان لاهي سائين جن جي آڏو ڪٽي وڃائي ۾ عرض ڪيائين تہ حضرتا! هڪ پيري پردي کان منهن ڏيکاري وري گم ٿي ويو آهي ، قربان ٿيان انهيءَ کي وري ڏسان ؟

ديدار می نمائی وپرهيز می کنی
بازار خويش وآتش ماتيز می کنی

يعني: اي محبوب! تجلي پنهنجي جي ديدار کان مشرف ڪري وري جو حجاب ٿو ڪرين تہ پنهنجي حسن ۾ جمال جي بازار تيز ڪري ڇڏين ٿو ۾ اسان جي سوز سڪ واري باهہ کي ٻڙڪائي ٿو ڦٽو ڪرين.

نقل 85: ساڳيو خليفو اميد علي نقل ڪري ٻوتہ هيڪر پاڻ قمبر جي ديهہ ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، آئون سومهياڻي نماز کان پوءِ ٻينو هوس تہ ڪنهن شخص پويان اچي منهنجي اکين تہ هٿ رکيا ، مون کي اهي هٿ ڏاڍا لطيف ۾ دل وٽندڙ لڳا، چيم تہ اي يار! هٿ ڪٿ تہ توکي ڏسان ؟ جڏهن هٿ ڪنيائين تہ ڏٺم پاڻ مرشد مڪرم جن آهن ۾ هٿ ڪٽندي ئي اوطاق ڏانهن روانا ٿي ويا. پوءِ مون خليفي ميان بخش علي کي چيو تہ اڄ رات حضرت پير سائين جن منهنجي اکين تي هٿ مبارڪ رکيا آهن ،تون عاجز طرفان حضور ۾ عرض ڪجان تہ حضرتا! انهن هٿن مبارڪن جي اکين تي رکڻ سان ڪا فيض جي ترقي عنايت ۾ مرحمت فرمايو ، پاڻ جواب ۾ خليفي ميان بخش علي فرمايائون تہ امید علي کي

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چئجانءِ تہ اسان تنهنجي اکين تي هٿ رکي هي اشارو ڪيو هو تہ اڄ هي اکيون الله سائين جي غير کان بند ڪر تہ ٻيون اندر جون اکيون کلنئي.

نقل86 : قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو تہ هيڪر حضور مبارڪ ۾ دوزخين بابت گفتگو پي هليو . پاڻ فرمايائون تہ مريد مرشد جي سڏ تي جيتري بہ دير ڪندو اوتري قدر بهشت ۾ داخل ٿيڻ کان رڪجي رهندو ۽ جيڪي پنهنجي مرشد جي يڪدم اجابت ڪندا تہ اهي جهٽ پٽ وڃي بهشت ۾ داخل ٿيندا.

اي عزيز! سندن انهيءَ فرمودي مبارڪ ۾ بهشت ۾ داخل ٿيڻ ۽ دوزخ کان نڪرڻ مان مراد آهي هستي کان نڪرڻ ۽ معنيٰ واري ملڪ ۾ داخل ٿيڻ .

ڪنهن شخص ڪهڙو نہ چگو چيو آهي :

بہشت آنجا کہ آزارے نباشد
کسی را باکسی کارے نباشد

يعني: بهشت اهو آهي جت ڪو اهنج ۽ ايذاءُ ڪو نہ هجي ۽ ڪنهن جو بہ ڪنهن سان معاملو ۽ ڪم ڪار ڪونہ هجي.

نقل 87: شيخ محمود رهندڙ ٽنڊي ميرالهيار جو نقل ڪري ٿو تہ پهريان جڏهن آئون حضرت مرشد مڪرم کان تلقين پي ورتي ،تڏهن پاڻ مون کي چار هزار ذڪر شريف جا تلقين ڪري پوءِ هي الفاظ زبان مبارڪ سان بيان فرمايائون:

پچوئي تان پور، ناتہ پچڻ نہ هوءِ پريتڙ!

نقل 88: خليفو اميد علي نقل ڪري ٿوتہ هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ طالب کي هر وقت الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ کپي تہ جيڪڏهن ظاهري غرضن ۽ بيهودي ڳالهين بابت گفتگو ڪندو، تہ سندس دل ۾ پريشاني، ۽ بي آرامي ،ڊپ ۽ هراس وڌندو ويندو . پر جي ذڪر فڪر کان مشغول رهندو تہ روز بروز ترقي حاصل ٿيندي ويندس ۽ سندس دل روشن ٿيندي ويندي .

نقل89 : خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿوتہ ٺاري نالي هڪڙو فقير هوندو هو ، سو مريد ٿيڻ وارن پهرين ڏينهن ۾ حضور مبارڪ ۾ راڳ ڪندو هو ان ڪانپوءِ ڪنهن مسجد ۾ وڃڻ جي مانين تہ وڃي ملاڻڪي ڪئي هئائين ڇڇ وقت کان پوءِ موڪي اچي حضور شريف ۾ مشرف ٿيو. پاڻ فرمايائونس تہ اي ٺارا فقير هينئرتہ ٺري ويو آهين ؟ فقير چيو تہ حضرتا! تو مون کي ٺاري ڇڏيو آهي، پاڻ فرمايائونس ، اسان توکي ڪونہ ٺاريو آهي،پر توکي وڃڻ جي مانين ٺاري ڇڏيو آهي .

نقل90 : خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿوتہ هيڪر پاڻ ناري جي سفر ۾ هڪڙي هنڌ وضو ويني ساريائون ، حضور ۾ هڪڙو شخص رنو ويني، پاڻ کيس بہ ٽي ڀيرا فرمايائونس تہ روءُ نہ ؟ فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! ماڻهو اسان جي ذڪر ڪرڻ تي چڙون ۽ ٽوڪون ٿا ڪن، پاڻ فرمايائون تہ اي يار!

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

انهن جي چٽرن ۾ ٽوڪن ڪري اوهان کي ڪونہ ڇڏي ويندس ، ائين فرمائي جوش کان اٿي ڪڙا ٽيا ۽ اٽندي ئي هي بيت زبان مبارڪ سان فرمائون:

جيڏانهن جهلي لوڪ گهٽو وڃجي تيڏهين
سڏڻيا سنسار ۾، ماڻهو اٽيئي موڪ
سسي ٽورو ٽوڪ، جي ڪسي تہ قربان ٽئي

اي عزيز! سندن فرمودي مبارڪ تي هيءَ آيت شريف بہ گواھ آهي:

"لَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ" (المائده : ۵۴)

ترجمو: سچا مؤمن ملامت ڪندڙن جي ملامت کان نٹا ڀڄن.

نقل91 : ساڳيو خليفوصاحب چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ سفر تي متعلوي شهر ڏانهن پي آيا، واٽ تي سومهياڻي جي وقت سيد پنهل شاھ جي ديهہ کان اچي لانگهائو ٽيا، انهيءَ ديهہ ۾ هڪڙي شهر کان جڏهن اچي لنگهياسون ، تڏهن اتي جي ماڻهن جو گهٽا سارا گهوڙا ۽ سامان ڏٺو ، سي حيرت ۾ پئجي پڇڻ لڳا تہ هي گهوڙا ڪاٽئون اچي پيا آهن؟ ۽ ڪنهن جا آهن ؟ پاڻ کين جواب ۾ فرمايائون تہ پڇو پاڇڙ پي آهي! خليفو ٽو چوي سندن انهيءَ ڪلام ٻڌڻ سان مون کي دل ۾تعجب آيو، سندن ڪلام تہ بيهودو نہ آهي ، پر انهيءَ جو مطلب ڇا آهي ؟ ائين ڪندي ئي دل ۾ وارد ٽيو تہ پڇڻ مان سندس اشارو: "ففروا الی الله" ڏانهن ٽيل آهي جنهن جو مطلب آهي تہ پنهنجي رب ڏانهن پڇو.

نقل92 : ساڳيو خليفو صاحب چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ ڪو بي عقل نادان شخص هو. تنهن کي اچي دل ۾ خيال ٽيو تہ جيڪر ڪو بي ملهو موتي هٿ ڪيان، انهيءَ بابت ٻئي هڪ شخص کان اڻ ملهن موتين بابت اچي پڇيائين تہ ڪهڙي هنڌ ٽيندا آهن ، هن شخص کيس بي وقوف سمجهي هڪڙي واريءَ جي دڙي ڏانهن اشارو ڪري چيائينس تہ انهيءِ واريءَ مان پيدا ٽيندا آهن ، هو مورڪ گيچڙ (چاٽي) ڪٽي اچي واريءَ جي دڙي تي ويٺو ۽ موتي لاءِ واريءَ کي گيچڙ سان چاٽڻ ۾ لڳي ويو ، اتفاق سان هڪڙي ڏينهن بادشاھ وقت جو اتان اچي لانگهائو ٽيو۽ فقير جو پورهيو ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو، پڇيائينس تہ اي فقير! هي واري گيچڙ ۾ ڇا لاءِ ويٺو چاٽين؟ فقير جواب ڏنو تہ اڻ ملهي موتي هٿ آٽڻ لاءِ ويٺو پورهيو ڪيان. بادشاھ سمجهيو تہ ڪو بي وقوف مورڪ آهي پوءِ هڪ تير ڪمان مان پري هڪڙي طرف هنيائين ۽ فقير کي چيائين تہ هي گز مون وٽ ڪٽي آءُ، جڏهن فقير گز ڪٽڻ ويو تڏهن پوئتان بادشاھ کيسي مان هڪ بي ملهو موتي ڪڍي سندس واري چاٽڻ واري هنڌ پوري ڇڏيائين ، گز ڪٽي آيو سو بادشاھ ڪانئس وڻي پنهنجو رستو ورتيون هليو ويو ۽ هو شخص اچي واري چاٽڻ جي ڏنڊي ۾ مشغول ٿي ويو. بادشاھ کي ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ وري اتان لنگهڻ جو اتفاق پيو، اچي ڏسي تہ فقير ساڳي ڏنڊي ۾ رڌو ويٺو آهي، پڇيائينس تہ اي فقير کو اتان موتي لڌو بہ اٽئي

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يا نہ؟ چيائين تہ هائو لڏو اٿم. بادشاھ چيس تہ پوءِ ايان چو پيو واري ڇاٽين؟ فقير چيو تہ سائين جنھن ڏنڏيسان موتي پيا ھڻ اچن سو انھي ڪم کي چو ڦٽو ڪجي. پاڻ فرمايائون تہ لساني ذڪر بہ ساڳيو واري ڇاٽڻ جي مثل آھي ۽ ان مان مقصد اھو آھي تہ اللہ تبارڪ وتعاليٰ جي مشاھدي وارو اڻ ملھو موتي ھڻ آڻجي. پوءِ جڏھن مقصود حاصل ٿي وڃي تہ پوءِ لساني ذڪر کان غافل نہ ٿي ويھي رھجي.

نقل 93: ٻڌو فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ سيد محمد شاھ جي دعوت تي ، جو لواري جي آسپاس جو رھاڪو آھي، تشريف فرما ٿيا ھئا. اتي فيروز فقير نظاماڻي عرض ڪيو تہ حضرتا! سواري ھوندي بہ سج لڙيئي مس منزل تي پھتا آھيون، سج بہ لھڻ ۾ ديرِ ڪانہ ٿو ڪري. پاڻ فرمايائون تہ سج اپرڻ مان لھڻ جي ڪم ۾ آھي ۽ سندس لھڻ ۾ ديرِ ئي ڪانھي، ان تي نظر نہ ڪرڻ ڪپي. ان وقت عبداللہ فقير ٽالپر جو سفر ۾ ھم رڪاب ھو ۽ بہ ٽي ڏينھن ڳوٺ ترسي موٽي اچي قدمبوس ٿيو. پاڻ پڇيائونس تہ ڪيڏانھن ويو ھئين؟ فقير چيو تہ سائين مڙئي ھاڻ ھوڻ تي ويو ھوس. پاڻ فرمايائون تہ ھاڻ ھوڻ جو وقت گھٽو پيو آھي، پر ھي وقت وري ھڻ نہ ايندو.

نقل 94: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ ھيڪر درگاھ مبارڪ واري مسجد ۾ جناب حافظ زين الدين مھيسر رحمۃ اللہ علیہ جي صحبت ۾ (جو حضرت ميان صاحب جو مريد ھو) ويٺو ھوس، گفتگو ھلندي حافظ صاحب نقل بيان ڪيو تہ ھيڪر حضرت ميان صاحب قدس سرہ اللہ جن جي حضور ۾ ويٺو ھوس تہ مونکي دل ۾ ھي خيال ۽ سوال اچي اٿيو تہ آيا آئون اللہ سائين عزاسم جي ڪھڻ طالبن جي ڳڻ ۾ آھيان ۽ پنھنجي مرشد سان ڪھڙي مريدي جي نسبت اٿم؟ پاڻ منھنجي دل جي خيال کي معلوم ڪري ورتائون ۽ ھي مثال زبان مبارڪ سان بيان فرمايائون تہ ڪسبياڻي فاحشہ عورت جو ملھ ڇا ٿيندو آھي؟ ٽڪو يا بہ ٽڪا ۽ شھوت جو احتياج سندس عام ماڻھن مان دفع پيو ٿئي پر ظاھري اوٽ لاءِ مڙس بہ ڪري ڇڏيندي آھي. پوءِ حافظ صاحب فرمايو تہ اسان جي طلب ۽ مريدي کي پاڻ ڪسبياڻي واري نسبت فرمائي ويا.

نقل 95: صديق فقير راھوڪڙو نقل ڪري ٿو تہ آئون درگاھ مبارڪ تي حاضر ھوس ۽ بن ٽن ڏينھن کان ونِي مونکي ڳوٺ موڪلائڻ جو خيال دل ۾ ويٺل ھو، پر سندن ھيبت ڪري موڪلائڻ ۽ ھڻ ڇمڻ جو ست نہ پيو ساري سگھان. پوءِ ھڪڙي ڏينھن پاڻ اشراق جا نفل پي پڙھيائون ، آئون ۽ ورو فقير (جو ان کي بہ موڪلائڻ جو خيال ھو) پرپرو اچي بيناسون. پاڻ ٻنھي طرفن سلام ورائي اسان ڏانھن نھاريائون. سندن نظر پوڻ شرط مونکي اھڙو جوش اچي دل ۾ پيدا ٿيو جو بيخودي ۾ جماعت مان لنگھي وڃي مصلي جي ويجھو ويھي رھيس. پاڻ جڏھن وظيفي کان فارغ ٿيا تڏھن فرمايائون تہ جڏھن وجو تڏھن موڪلائي مصافحو ڪري پوءِ وڃجو. پوءِ فرمايائون تہ ھي وقت وري ھڻ نہ ايندو. جيڪي ڪرٽو ھجيوَ سو ھاٽي ڪري ونو، نہ تہ آئون سپاٽي نامردن جو سنگتي ڪونہ آھيان.

اي عزيز! انھيءَ بابت ڪنھن بزرگ جو عجب قول آھي تہ:

تدبیر خود امروز کن ای خواجہ کہ فردا
ہر چند کہ فریاد کنی سود ندارد

يعني: اي صاحب! پنهنجي ڳڻ کا ڪرٽي هجئي تہ اڄ ئي اٽي ڪر، سياڻ گهٽيون ئي دانهون ڪوڪون ڪندين پر ورندءِ کي بہ ڪين.

نقل 96: صالح فقير ابڙو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر درگاهہ مبارڪ تي مسجد معظم ۾ سندن حضور پرنور ۾ وينا هئاسون، تہ پاڻ فرمايائون تہ هن کان اڳ طالبن جي روش هوندي هئي، تہ جيڪڏهن کي چار ڇٽا گڏجي ڪيڏانهن ويندا هئا تہ وات ۾ هڪ ٻي کان ڇڇي جدا ٿي هلندا هئا ۽ رستي ۾ فڪر منجهہ مشغول رهندا هئا. باقي هڪ ٻي جي ڳالهين ۽ وندر ورونهن ۾ پنڌ نہ ڪندا هئا ۽ هينئر فقيرن جي اهڙي روش ٿي پئي آهي جو جا گهڙي اسين صحبت ۾ وينا آهيون تہ حضور ۾ وينا ٿا رهن پر جڏهن اٽي ٿا وجون تہ پاڻ چار چار پنج پنج گڏجي ٽوليون ڪري اچي ٿا بيهوده ڳالهين ۾ لڳن. ۽ فڪر جي ويجهو نٿا وجن پر جي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ جي ورونهن ڪنهن کي ڪاڻ ٿي ملي تہ پوءِ ڪو ڪک ڪٽي ان جي ڇيڙ ۾ مشغولي رجهي ٿا وجن، باقي فڪر جي مشغولي نٿا ڪن.

ڪنهن شاعر چيو آهي تہ:

نگہدار دم راکہ عالم دمی است
دمی پیش دانا بہ از عالمی است

يعني: وقت کي نگاهہ ۾ رک، ڇو تہ جهان ڪل هڪ گهڙي آهي ،هڪ گهڙي دانائن وٽ جهان ڪان وڌيڪ قيمتي آهي.

نقل 97: ساڳيو صالح فقير نقل ڪري ٿو، تہ هيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ وينا هئاسون تہ پاڻ سيد ميان ناصر علي شاهہ کي، جو سائين جن جي مائٽن مان هو فرمايائون تہ اي ميان ناصر! ننڍڙي هوندي اسان هڪ بيت چوندا هئاسون، تنهن جي معنيٰ هينئر ٿي اچي. ميان ناصر علي عرض ڪيو تہ حضرتا! اهو ڪهڙو بيت آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ،

تتر کرڙي اپ ۾ مولا مينهن وساءِ
هڪ ماروءَ جي ساءَ گابا چاريان ڳوٺ جا

پوءِ معنيٰ هن طرح فرمايائون ،تہ هڪ 'ماروءَ' مان مراد ڪامل عارف شخص ۽ تتر کرڙ سارو جهان آهي، يعني جڏهن طالب کي ڪنهن ڪامل جي طلب ٿي تہ پوءِ هر ڪنهن خاص عام جي خدمت جو بار پاڻ تي کڻي تہ هڪڙي ڏينهن نيٺ ڪنهن ولي ڪامل کي پهچي ويندو. پوءِ ان تي مثال بيان فرمايائون تہ ڪنهن شهزادي جو موتي هڪڙي پٿريلي زمين تي هٿان ڪري پيو هو، ڳوليائون بہ گهٽو پر هٿ نہ پيو اچي. تڏهن بادشاهہ کيس چيو تہ اي بابا! هينئر اهي سڀ پٿريون گڏ ڪرائي

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سوگهيون ڪري رک تہ سياڻي جڏهن ڏينهن ڏڻو ٿيندو ، تڏهن اهو موتي پاڻهي هٿ اچي ويندو.

نقل 98: صالح فقير نقل ڪيو تہ هيڪر آڻون ٿر جي سفر ۾ ساڻن هم رڪاب هوس، پوءِ هڪڙي ڏينهن پاڻ مونکان پڇياڻون تہ صالح فقير خوش پيو رهين يا ڪيئن؟ مون عرض ڪيو تہ حضرتا! ڪائڻ پيئڻ ۾ تہ خوش آهيان پر صحبت جو وقت ڪونہ ٿو حاصل ٿي، ڇو تہ جڏهن ڪنهن منزل تي اچي ٿا لهون تہ انهيءَ ديهہ جا ماڻهو ڪِولين ۽ مڪڙن وانگر اچي ٿا گڏ ٿين پوءِ سندن انبوه ۽ هجوم ڪري پري کان منهن مبارڪ ڏسڻ کان وڌيڪ صحبت جي دولت هٿ ڪانہ ٿي اچي، باقي ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ پيادي هڄڻ سبب اڳي ئي روانا ٿي وڃون ٿا. پاڻ جواب ۾ مثال بيان فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪو سوداگريءَ لاءِ سفر تي ويندو تہ پويان سندس زال بہ گهر جي ڪم ڪار ۾ رڌل رهندي آهي ۽ گهر جي ٻڍڻ ۽ سامان جي حفاظت ڪندي رهندي آهي تہ پوءِ ٻنهيءَ جي ڪوشش سان جڏهو فائدو حاصل ڪري وٺندا آهن. هڪ تہ سوداگر پاڻ سفر تان سوداگري مان فائدو ڪري آڻي دولت گڏ ڪندو آهي ۽ ٻيو تہ پويان سندس زال گهر جي حفاظت ۽ سامان جي سار سنڀال ڪيو ويني هوندي آهي، جنهن ڪري ٻنهيءَ جو آسودگي ۽ خوشي سان پيو گذران ٿيندو آهي، پر جي سوداگر جي زال پويان سندس ٽپڙ ٻيهوده ڪمن ۾ وڃائي رلائي ضايع ڪيو پئي ڇڏي، تہ جيڪر ويچارو سوداگر پورو ئي نہ پئجي سگهي. بلڪ خوشگذراني ۽ شاهوڪاري بدران ٻنهي جو حال تنگي سان گذري. اهڙي طرح جيڪڏهن مريد بہ حاضر دل هوندو تہ اهو توڙي ڪٽي سوَن ميلن تي پري هوندو تہ بہ مرشد جي توجهہ کان بهرياب ٿيندو رهندو ڇڙ تہ حضور ۾ آهي، پر جيڪڏهن مرشد جي حضور ۾ دل حاضر نہ رکندو تہ اهو توڙي ظاهري ويجهو وينو هجي تہ بہ ڇڙ ڇئو تہ سوَن ميلن تي پري بي نصيب ٿيو وينو آهي.

نقل 99: ساڳيو صالح فقير نقل ڪري ٿو تہ هيڪر سفر ۾ ساڻن هم رڪاب هوس ۽ سمهڻ وقت سندن ڪٽ جي پرسان وڃي سمهندو هوس، پوءِ هيڪر اسر جي وقت پاڻ مونکي فرمايائون تہ ڪڙ جڏهن پهريان ننڊ مان اٿندو آهي، تڏهن پنهنجا ڪنپ ڇنڊي تنهن کان پوءِ بانگ ڏيندو آهي ۽ انهيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ ڪنپڻ ٽوڪڻ سان پهريان پاڻ کي غفلت جي ننڊ کان هوشياري ونڊائي پوءِ بانگ ڏيندو آهي. اهڙي طرح طالب کي بہ ڪپي تہ جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿئي تڏهن پهريان روڄ ۽ زاري سان پاڻ کي غفلت کان آزاد ڪري پوءِ الله سائين جل شانہ جي يادگيري ۾ مشغول ٿئي.

نقل 100: ولي محمد فقير وساڻ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر سندن حضور پرنور ۾ خليفي محمد فقير ناهيون عرض گذاريو تہ حضرتا! سائين جن جي مهرباني جي وسيلي هن جهان جي سپني سڏن کان، توڙي اميد ۽ آسري کان هٿ ڪپجي ويا آهن، پر اڃان ڪڏهن ڪڏهن نفس بک جي ذلت جو خيال پيو آڻي ۽ خيالات ۾ ٽپيون کائي . پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ هن ڪافر نفس کي اصلي انهيءَ درگاهہ مقدس سان کا نسبت ڪانهي، ڇو تہ سندس خلقت هن عالم خلق مان آهي ، گهرجي تہ روح هميشہ ذات پاڪ ڏي متوجهہ هجي ڇوتہ هو 'عالم علوي' مان آهي، باقي نفس جو هن 'عالم سفلي' جو آهي، تنهن کي

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هن عالم علوي ڏانهن رستو ٿيٽو ئي ناهي.

نقل 101: سيد امير علي شاھ ، حسن فقير مهيسر کان نقل ڪري ٿو تہ حسن فقير چيو تہ هيڪر مون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض گذاريو تہ حضرتا! دل جي حضور لاءِ ٻہ ڪا حد آهي يا نہ ؟ پاڻ جواب ۾ هي سنڌي بيت ارشاد فرمايائون:

اندر ۾ آهين، ڳرهٽ جهڙيون گالهيون
پرين ٿا نہ پچن، اڻ پچو آئون نہ چوان

پوءِ پاڻ مهرباني فرمائي ارشاد ڪيائون تہ طالب جي دل جو حضور ٻن ٽن وقتن ۾ پرکي سگهجي ٿو. هڪ تہ جڏهن طعام جي طلب حد کان زياده ٿيس پوءِ ٻہ ڪائڻ مهل دل جو خيال مان سويٰ الله سان مشغول نہ ٿي وڃي ، بلڪ دل حاضر رکي ٻيو تہ جڏهن ڪنهن گهٽي پنڌ کان ٽڪجي ، هڇ ٿي آيو هجي ۽ ٽڪ ڪري ننڍ مٿس غلبو ڪري ، پر تڏهن ٻہ هميشہ جي صورت موجب حاضر دل هجي ۽ سمهڻ مهل غفلت مٿي غالب نہ ٿي وڃي ،ٽيون تہ جڏهن پنهنجن اهلين سان جماع ۾ مشغول ٿي تہ پوءِ نفس جي لذتن ۾ لڳي دل جي فڪر کان غافل نہ ٿي وڃي. جڏهن اهڙين حالتن ۾ دل حاضر هيس تہ پوءِ بلاشڪ ڄاڻي دل حاضر آهي ۽ پريشان ناهي. حسن فقير چوي ٿو تہ مون عرض ڪيو تہ حضرتا! پوءِ انهيءَ کان اڳتي ٻہ ڪو فڪر آهي ؟ جواب ۾ فرمايائون تہ هائو هڪ تہ جڏهن طالب جي دل حاضر ٿي ۽ ماسويٰ الله سندس نظر ۾ ڪونہ آيو. تڏهن انهيءَ وقت ٻہ گهٽا طالب ترکي پوندا آهن ، ڇو تہ ان وقت تڪبر ۽ پاڻ پائڻ اچن ٿا منهن ڪڍن ٿا جو سمجهندو آهي تہ آئون ٻين سڀني کان پلو ٿي ويو آهيان. حالانڪ جڏهن پاڻ کي پلو سمجهائين تہ ايا ڪيس ماسويٰ الله جي نفي حاصل ٿيل نہ ڄاڻبي ، پوءِ اتي هي سنڌي بيت پنهنجو فرمايل پڙهيائون:

پاڻ ڄاڻن پاڻ، پرکي ڄاڻن ڪين
پيو اهو جن گمان، تن سير سجوئي نہ ڪيو

ٻيو تہ 'هم اوست' جي خيال سان ظاهري صورت ڏي لاڙو ڪرڻ ٻہ سالڪ جا پير ترڪائي وڃهي ٿو . پر جڏهن سالڪ کي سهٽي ۽ ڪوجهي شڪل ٻئي هڪ جهڙو نظر اچن ۽ گهٽ وڌائي ڪانہ ٿو ڪري تہ پوءِ خير اٿس ! جي سنڌو ڪيائين تہ ٿورڙي ئي لاڙ ي سان ترکي پوندو ، ٽيون تہ ظاهري شين کي حاصل ڪرڻ جو خيال دل ۾ آٽڻ ٻہ پير ترڪائيندڙ آهي.يعني ڪنهن وٽ ڪا چگي سني عزت واري شيءِ ڏسي پنهنجي دل ۾ اها سڌ آٽڻ تہ اها شيءِ هٿ ڪجي اها سڌ ٻہ دل جو حضور وڃائندڙ آهي، ڇو تہ ان ڪري ڄاڻبو تہ سندن نظر چگي مني ۾ رڌل آهيءِ انهيءِ ڪري ماسوي الله جو متحاج ڇڏبو نہ واصل بالله .

نقل 102: سيد دوست علي نقل ڪري ٿو ، تہ هيڪر پاڻ سيد محمد علي جي ديهہ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي هڪڙو پروچ شخص ٻہ آيو جنهن جون مچون تمام وڏيون رکيل هيون، فقيرن کيس مچون

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪٽائڻ لاءِ پئي چيو، پر چوي پيو تہ سائين جن ماڻهن جون مڇون ڪترائن ٿا، تنهن ڪري آئون مريد ئي نٿو ٿيان پاڻ سندس اها ڳالهہ ٻڌي هٿ مبارڪ سان مون ڏي اشارو فرمايائون تہ مڇن ڪٽائڻ جي حقيقت سيد دوست علي شاهہ کان پڇي ڏس! سيد دوست علي شاهہ ٿو چوي، تہ آئون ان وقت نئون مريد ٿيل هوس منهنجون مڇون بہ تمام وڏيون هونديون هيون ، پوءِ سندس توجہ مبارڪ سان پاڻهي پاڻهي منهنجون عادتون ۽ افعال سنت ۽ شريعت مقدس موجب زيب ونڊندا ويا ، پو ءِ اهو ٻڌي اهو شخص بہ مريد ٿيو .

نقل 103: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ، تہ هيڪر سندس حضور مبارڪ ۾ ڪنهن شخص سوال ڪيو تہ حضرتا! مريد جو حق امانت مرشد تي ڪيترو قدر آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ جڏهن مريد کي ويساهہ ڪامل ۽ طلب بہ شامل هجي تہ پوءِ مرشد تي حق آهي تہ ڪيس حياتي ۾ ئي امانت نصيب فرمائي ڇڏي. پر جي مريد کي ارادو سچو هجي باقي طلب ڪانہ هجيس تہ پوءِ مرشد تي هي حق آهي ، تہ سڪرات مهل جهان مان امانت وارو ڪري اماٹيس پر جي مريد کي طلب آهي ۽ ويساهہ ڪونهي تہ اهڙي مريد جو مرشد تہ ڪوبہ حق ڪونہ آهي .

104 نقل : ملا بچل فقير (رهندڙ درگاهہ مبارڪ جو) نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ باغيچي ۾ تشريف فرماٿيل هئا، تہ هڪڙي فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! هي مسڪين دنيا کي ترقي ڏيئي حضور پرنور ۾ حاضر ٿيو آهي پاڻ جواب ۾ فرمايائونس تہ اي ادا! دنيا جي ترقي کان پوءِ خدا تعاليٰ جي يادگيري ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي نہ غير سان .

105 نقل : سلطان فقير هڪڙي ٻي فقير کان نقل ڪري ٿو، تہ مون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! جهار کي پوک کان تڙي تڙي بينو آهيان . پر موٽي موٽي پئي اچي. ٻي هڪڙي فقير چيو تہ جهار تہ آهي ئي ڪانہ! پاڻ جواب ۾ فرمايائون اي فلاٹا! تون اچان نند ۾ آهين جو توکي اچا جهار جي سڌ ئي ڪانهي. پوءِ پاڻ فقير سائل کي فرمايائون تہ توهانجي ٻنيءَ ۾ هڪڙو وڻ آهي جنهن تي جهار اچي ويهي تي ۽ وطن ڪري تي ، اهو وڻ پاڙڙن پٽي ڇڏ پوءِ جڏهن اهو وڻ پٽجي ويندو تہ جهار هڪ بہ ڪانہ ويهندي ۽ جهار اچڻ کان تون امن ۾ تي رهندين .

مولانا جلال الدين رومي قدس سرہ سچ فرمايو آهي:

هر خيالے غير حق را دزد دان
ايں رياضت سالکان را فرض دان

يعني: ماسوي الله جي هرهڪ خيال کي دل جي خزاني جو چور ڪري سمجهہ، پوءِ انهن چورن تڙڻ جي رياضت سالڪن لاءِ فرض ڪري ڇاڏ.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل انئون
غفلت کان تنبيہ کرڻ بابت نقلن ۾

نقل1 : هيڪر پاڻ مثال بيان فرمايائون تہ ماڻهو گهڻي کي اُن کترڻ لاءِ زمين تي دسي اُن کتري ڇڏي ڏيندا آهن، پوءِ جڏهن کهڻ مهل زمين ليٽائيندا اٿس ، تڏهن بہ گهٽو دل ۾ ائين سمجهندو آهي ، تہ اڄ بہ اُن ٽا کترين. سا کتري اجهو وري ڇڏي ڏيندا تہ ايتري ۾ مٽانس کاتي وهي ٿي وڃي.اهڙي طرح غافلن کي جڏهن کو سخت مرض لاڳو ٿيندو آهي ۽ وري انهيءِ مان چگا ڀلا ٿيندا آهن تہ انهي ان کترڻ وانگر سمجهي تسلي کري ويندا تہ ڇٽا آهيون پوءِ جڏهن ملک الموت موت وارو کاسائي موت جي کاتي کڻي اچي مٽان بيهندو، تڏهن بہ بيماري ۾ ليٽندي اهو خيال محکم هوندن تہ اجهو ٽا هن بيماري مان ڇڻون تہ ايتري ۾ اوچتي ئي انهيءَ غفلت ۾ ساهہ نکري ويندو.

ڪنڌ وڏيئي ٻکرا وينِي منجهہ وڻاڻ
اوچتا پرياڻ آهن ڏڻ ڏٽين جا

نقل 2: جامع ملفوظات ﷺ نقل کري ٿو تہ هيڪر پاڻ پرڳڻي شهدادپور ۾ گل محمد کيريو جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا. آئون بہ سندس خدمت مبارک ۾ حاضر هوس،پوءِ سائين جن کي خيال مٽائڻ لاءِ جهنگ وڃڻ جي ضرورت ٿي. آئون ڪوٺرو کڻي خدمت خاطر ساڻن ويس پوءِ جڏهن جهنگ جو خيال لاهي موٽيا ، تڏهن اچي وضو سارڻ ويٺا ۽ مون کي هٿ مبارک ڏانهن اشارو کري پاڻ ڏانهن سڏي ورتائون، پوءِ جڏهن وضو کان فارغ ٿيا . تڏهن فرمايائون تہ اي خليفا! هينئر هن جماعت جا حال ڏس جو سب کو بي فائدو واهياتي ڳالهين ۾ لڳو پيو آهي کنهن کي بہ دل ڏانهن توجہ کونہ ٿو ڏيکارجي ، پنهنجا قيمتي وقت بہ ساڻن اجايو خرچي ڇڏيوسون . حال هي آهي تہ جو جڙ ڇوٽہ ڏاندن جو وڳو چارٽو اچي ويو اٿون .

نقل3 : جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ درگاهہ مبارک تي باغ جي چودريءَ ۾ ويٺا هئا، آئون بہ سندن خدمت مبارک ۾ حاضر هوس ۽ ٻيا گهٽا ماڻهو دروازي تي پنهنجن کمن کارن لاءِ گڏ ٿيا بيٺا هئا، پوءِ هڪڙي فقير کي فرمايائون تہ باغ جو دروازو کول ۽ جيڪي ٻاهر بيٺا آهن تن کي اندر وٺي اچ، اهو فقير ويو ۽ وڃي دروازو کوليائين. ماڻهو خدمت شريف ۾ ٿيا ۽ سڀ کنهن پنهنجي پنهنجي کم بابت اچي سوال کيو ، يعني کنهن دوا دوران بابت ۽ کنهن ڦيٽي جهاڙ لاءِ اهڙي طرح سڀ کو سوال کندو رهيو. پاڻ سڀني کي شافي کافي جواب ڏيندا موکليندا ويا جڏهن سڀ ماڻهو ويا ، تڏهن پاڻ مهرباني‌ءَ جي نظر ساڻ مون ڏانهن نهاري فرمايائون تہ اي خليفا! ڏس هنن

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سپني ماڻهن مون کي ظاهري بيمارين جو طبيب مقرر ڪري ڇاتو ، پر جن بيمارين جو آڻون طبيب آهيان انهن جي دوا مون کان ڪو پڇي ئي ڪونہ ٿو.

نقل4 : پاڻ فرمايائون تہ هڪڙي شخص جي ملڪ الموت سان ياراني هوندي هئي ،هڪڙي ڏينهن ملڪ الموت کي چيائين ، تہ جڏهن منهنجي ساهہ ونڻ جو ارادو ڪري اچين ،تہ کو ڏينهن پهر مون کي اڳيئي ان بابت اطلاع ڪجانءِ. ملڪ الموت چيس تہ هائو توکي اڳ ۾ ٻڌائيندس پوءِ جڏهن ان ڳالهہ کي ڪا مدت گذري تڏهن هڪڙي ڏينهن ملڪ الموت انهيءِ پنهنجي يار جو ساهہ قبض ڪرڻ لاءِ آيو. تڏهن ان يار ڏوراپو ڏنس تہ اي دوست تو واعدو پنهنجو نہ پاڙيو جو مون کي اڳي ڪابہ خبر ڪانہ ڏنئي.ملڪ الموت چيو تہ مون واعدو خلافي اصل ڪانہ ڪئي آهي بلڪ توکي هن کان ٻہ ٽي پيرا چتائي چڪو آهيان ڏس تہ تنهنجو فلاٽو پاڙيسري فوت ٿيو ۽ آڻون انهيءَ جو روح قبض ڪري ويس تہ تون اها ڳالهہ ڪانہ ڏني ٻڌي هئي ڇا! وري تنهنجي پي فلاٽي پاڙيسري جو ساهہ قبض ڪيم تہ ٻہ توکي خبر پهتي اهڙي طرح تنهنجن پين عزيزن جا ساهہ قبض ڪندي توکي خبردار ڪندو رهيس ، پر اي نادان دوست تو خبردار نہ ٿئين ! پوءِ آڻون ڇا ڪيان ؟ ائين چئي سندس ساهہ قبض ڪري . انهي هنڌ ڪنهن بزرگ کهڙو نہ سهڻو چيو آهي .

تدبير خود امروز کن ای خواجہ کہ فردا
ہر چند کہ فریاد کنی سود ندارد

يعني: اي صاحب! پنهنجي ڪا ڳڻ ڪرڻي هجئي تہ اڄ وقت اٽئي ڪا همت ڪر نہ تہ سياڻي گهٽيون دانهون ڪوڪون ڪندين، پر ورندءِ کي ٻہ ڪين.

نقل5 : هيڪر پاڻ ديهہ سيدپور ۾ نزول ڪرامت شمول فرمايو هئائون. اتي سيد محمد صديق پنهنجي گهر ڏانهن زيارت لاءِ خدمت شريف ۾ عرض گذاريو پر جڏهن تہ پاڻ منزل جي پراهين پنڌ تي تيار هئا. تنهن ڪري سندس عرض قبول نہ فرمايائون پوءِ سيد عرض ڪيو تہ پلا سائين مونکي ڪا دعا تہ فرمايو، جو الله تبارڪ وتعاليٰ روزي جي ڪشادگي عطا فرمائي ۽ گذران جي تنگي دفع ڪري چوتہ آمدني ٿوري ۽ خرچ گهڻو ۽ نالي مشهور هجڻ پاران وقت تنگ ٿو گذري. پاڻ جواب ۾ هي آيت شريف تلاوت فرمايائون:

وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِىْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا (طٰهٰ : ۱۲۴)

ترجمو: جيڪو ٻہ منهنجي ذڪر کان منهن موڙيندو ۽ غافل رهندو تہ سندس گذران واقعي تنگ رکنداسون.

نقل6 : علي خان ٽالپر نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ ڊگهڙيءَ جي ڳوٺ ۾ ٽالپرن فقيرن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا.فقيرن ويچارن دعوت جا ڏاڍا حق ادا ڪيا . ۽ ساري جماعت کي خير ڏؤ تي پياريائون ۽ اهڙي خدمت ادا ڪيائون جو سموري جماعت سندن سهڻي ٽهل ۽حسن اعتقاد کان ڏاڍي راضي ۽ خوش ٿي ساراهہ ڪرڻ لڳي.پاڻ ان وقت مثال طرح هڪڙو نقل بيان فرمايائون تہ هيڪر ڪنهن

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

وزير بادشاھ جي دعوت جھلي ھئي .پوءِ جڏھن بادشاھ وزير جي گھر آيو تڏھن وزير بادشاھ ۽ سندس متعلقن جي خدمت ۾ گھٽي کان گھٽا بجاءِ آندي ،پوءِ جڏھن واندا ٿيا، تڏھن بادشاھ وزير کي چيو تہ تنھنجي دعوت کان سمورو ئي لشکر تمام خوش خورم ٿيو، مگر بادشاھ يعني اسين توسان خوش کونہ ٿيا سون . چو جو اسان جي ويھڻ جي جاءِ ڀھاري صاف نہ ڪئي ٿئي.

اي عزيز ! ويھڻ جي ھنڌ مان مراد آھي انسان جي دل، پوءِ جيڪو بہ پنھنجي دل واري گھر کي ماسوي الله جي ککن کھجرن کان ڀھاري صاف نہ ڪندو ، تہ پوءِ توڙي ٻيون ظاھري خدمتون (يعني عبادتون ۽ رياضتون) ڪٽي گھٽيون ڪندو رھي پر بادشاھ ان کان ڪڏھن بہ خوش کونہ ٿيندو.

نقل7 : ھيڪر پاڻ ميان صاحب رضي الله عنه جن کان نقل پي فرمايائون تہ ھڪڙي ڏينھن حضرت مخدوم صاحب رضي الله عنه جن ڪنھن ڪٽ تہ اچي وينا تہ پيراندي کان واڌڻ ڇڇي پئي ۽ واڻ اچي زمين تي پيو. مخدوم صاحب جن فرمايو تہ ھن جو ڇا مقصد آھي ؟ ڪچ مدت مان ۽ فڪر ڪري پوءِ فرمايائون تہ ھي ھن ڪري ٿيو جو اسان کان مقرر وظيفو قضا ٿي ويو ھو.

نقل8 : پاڻ فرمايائون تہ شڪار (جنھن جي ھٿ آٽڻ لاءِ شڪاري حيلا ھلائي ٿو) بہ جيستائين ڪ الله تعاليٰ جي يادگيري ۾ مشغول ٿو رھي،تيستائين ماري کي کيس شڪار ڪرڻ جي طاقت کانہ ٿي ٿئي سگھي ،پر جڏھن الله سائين جي يادگيري کان غافل ٿو ٿئي ،تڏھن کيس ماري شڪار ڪري ٿو وجھي .

نقل9 :خليفو ميان لقمان رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو، تہ ھيڪر پاڻ ڪنھن سفر ۾ سوار ٿيا پي آيا. حاجي ابو طلحو فقير (جو سائين جي خاص مريدن مان ۽ سندس ڪنري برادر ھو) گھوڙي جي اڳيان ڊوڙندو پيو آيو ، جڏھن تہ اس تمام ڏاڍي ھئي ، تنھن ڪري چوڻ لڳو تہ اڄ ڏاڍو ڏينھن گرم ٿيو آھي. پاڻ انھيءَ ڳالھہ ٻڌڻ سان جوش ۾ اچي فرمايائون تہ انھي بيھودي ڪلام ’تہ ڏينھن گرم آھي‘ مان فائدو ڪھڙو؟ اھا ڳالھہ سڀ ڪنھن کي معلوم آھي ، تہ ڏينھن گرم آھي ، پوءِ ان جي ٻڌائڻ جو ڪھڙو ضرور.

نقل10 : احمد فقير صغير ناھيو نقل ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايائون جيڪو شخص الله تبارک وتعاليٰ کي رڳو زباني ياد ٿو ڪري ۽ سندس دل غفلت ۾ ٻڏل آھي تہ ان جو مثال انھن ٻن شخصن وانگر آھي جيڪي پاڻ ۾ سچا سنگتي ھئا،سي رستي ۾ پي ويا،پر ھڪڙو ڪجھ اڳيرو پي ويو۽ ٻيو پويان ڪجھ مفاصلي تہ پي آيو.پوءِ پوئين شخص پنھنجي اڳين سنگتي کي سڏ ڪيو، تہ سندس سڏ تي جڏھن اڳين سنگتي ڏانھس نھاريو.تڏھن ھن پنھنجو مون ڪٽي ٻي پاسي ڦيرايو .وري ھو ھلڻ لڳو تہ ھن وري پويان وري بہ سڏ ڪيس ان نھاريوتہ ھن ڪٽي مون پاسي ڪيو ۽ اھڙي طرح بہ ٽي ڀيرا ڪيائين. تڏھن ھو ويچارو پنھنجي سنگتي جي ھي نامعقول حرڪت ڏسي مٿس ڪاوڙجي ويو، چو تہ ھلت بہ اھڙي ڪيائين ،جنھن مان ھرو ڀرو پئي ڪاوڙ اچي ، اھڙي طرح ٻانھو بہ الله تبارک وتعاليٰ جو ذڪر ڪري ٿو تہ الله تعاليٰ جل شانہ ڏانھس رحمت جي نظر سان نھاري ٿو ، پر جي ذڪر ڪندڙ جو مون الله سائين کان انھيءِ نامعقول رفيق وانگر ڦريل ھوندو تہ الله تعاليٰ جل شانہ راضي ٿيڻ بدران مٿس رنج ٿي پوي ٿو.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

انهي تي سندس هي بيت سنڌيءَ ۾ چيل آهن :

زباني ذڪر جو ڏوران اٽيئي ڏس
من ۾ مرشد پس، تا توهين سين توه ٽئي

نقل11 : پير سائين مسند نشين ، موٽو خدمتگار کان نقل فرمائي ٿو ته موٽو چيو ته هيڪر آئون ۽ صاحبزادو ميان محمد شاهﷺ وقتي فرض نماز تي سنت جماعت کي نه پهتا هئاسون پوءِ پاڻ ٻنهي لاءِ حڪم فرمايائون ته نماز ۾ سستي ڪندڙ جو ڪاڻ نهيل آهي ،تنهن ۾ وڃي وجهو، جڏهن اسان کي ڪاڻ ۾ سوگهو ڪيائون تڏهن فرمايائون ته هينئر هر هڪ کان پنج پيسا ڏنڊ جا ونڊي پوءِ ڪاڻ مان ڪڍي ڇڏيو. موٽو ٿو چوي ته مون وٽ وٽ پنج پيسا هئا سي ڏيئي پاڻ کي ڪاڻ مان ڇڏايم، باقي صاحبزادي وٽ پيسا ڪونه هئا،تنهن لاءِ پنهنجو ڪپڙو ڳهه رکي ٻاهر نڪتا، پنج پيسا ڏئي ڪپڙو ڇڏائي ويا.

نقل 12: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته پاڻ هيڪر درياءَ جي پر سان سفر ۾ هئا پوءِ اتي هڪڙي شخص دعوت لاءِ اچي حضور مبارڪ ۾ عرض گذاريو پاڻ سندس دعوت قبول نه ڪري فرمايائون ته توهان اسان جي امر جي بر خلاف ذڪر شريف جي تلاوت ڪٽي ڪري ڇڏي آهي. تنهن ڪري دعوت جي اجابت ۾ ڪانهي ڇو ته اسان جي نسبت اوهان سان الله تعاليٰ جي ذڪر سان آهي جڏهن ته ذڪر ڇڏي ڏنو ته اسان جي نسبت ۾ چني ڇڏيو :

نسبت پاکاں درست کن یا بۓ ایشاں مرو
غرق شد فرعون وموسیٰ، پیش رو

يعني: نسبت پاڪن جي پيروي سان پوري رک يا ته انهن جي ڪڍ نه وچ، ڇو ته نسبت بنا پوري جي ڏڻئي ته فرعون توڙي جو حضرت موسيٰ جي ڪڍ نيل درياءَ ۾ پي ويو، ته ٻڏي ويو.

نقل 13: صاحبزادو والاتبار ميان محمد شاهﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ ذڪر جي تلاوت ڪرڻ وقت فرمايائون ته اڄ اڏپهر ڏينهن چڙهيو هو ته مسجد شريف ڏانهن فقيرن جي صحبت لاءِ پئي آياسون، جڏهن مسجد شريف جي دري کان پهتا سون تڏهن سيئي فقير اٽي آڏو آيا جڏهن وڃي ويناسون تڏهن نظر ڪري ڏنو سون ته حاضر مجلس هڪ ماڻهو ۾ ڪونه آهي،انهي ڳالهه تي دل ۾ حيرت لڳي ته هي فقير ڪيڏانهن هليا ويا، تانتہ ڳالهه ياد پئي ته جڏهن اسان مسجد شريف جي دري کان آياسون ته فقير اٽي آيا پي پوءِ جو فڪر ڪري ڏنو سون ته حاضرين صحبت کي ان وقت دل جو حضور هوئي ڪونه ، پوءِ سندن غائب ٽيڻ جو سبب معلوم ٿي ويو.

نقل 14: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن ماسوي الله جي ڳالهه ٻولهه زبان سان ڪئي ويندي ته جسم پريشان ٿي پوندو ۽ جيڪڏهن ماسوي الله تعاليٰ جو خيال دل ۾ اچي پوندو ته دل پريشان ٿي ويندي .

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل نائون
نفس سان مخالفت ڪرڻ بابت نقلن ۾

نقل1: هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ جنهن طالب کي دل ۾ باطل خيال پيا پون ۽ انهن کان بچڻ ۽ غيرت ڪانہ اچيس ۽ نہ وري انهن جي دفع ڪرڻ ۽ ڪيڏ جي ڪوشش ونڊي تہ انهي جو مثال ڪنهر شخص وانگر آهي ،جنهن جي جوءِ جو ملهہ هڪ ٽڪو يا پہ ٽڪا هوندا ، پر سو بہ سندس نہ.

اهڙيءَ طرح غير حق جا خيال ڏاريا ماڻهو سمجهڻ گهرجن تن کي پنهنجي اندر دل واري گهر ۾ ڇڏي ڏيڻ ۽ دل کي انهن سان مشغول رکڻ گوياڪ ڪنهر بٽجڻ آهي.

ہر خیالے غیرحق را مرض داں
ایں ریاضت سالکان را فرض داں

يعني: غير جي هر ڪنهن خيال کي پنهنجي اندر واري گهر ۽ جمعيت جي سامان لاءِ چور ڪري سمجهہ ،پوءِ انهن چورن تڙڻ جي رياضت سالڪن لاءِ فرض ڪري ڄاڻ.

نقل2: هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ هڪڙي فقير کي وجد جي حالت اچي وئي ۽ انهي خيال ۾ بي اختياراچي منهنجي مٿان ڪريو ۽ ڪچ،وقت تائين منهنجن رانن تي ڦٽڪڻ کان اسان کي ايذاءَ پهتو، پوءِ خيال ۾ آيم تہ جيڪر بي رنگي جو فڪر ڪيان تہ انهيءَ ايذاءَ کان ڇٽي پوان، پر وري دل ۾ چيم تہ هي نفس جو خيال آهي جو طالب کان ايذاءَ پهتو اٿس تنهن کان ڇٽڻ لاءِ بي رنگي جو پهہ ٿو پچائي،پوءِ نفس جي مشابهت کان مخالفت ڪري ،انهيءَ فڪر جو ترڪ ڪري ڇڏيوسون.

نقل3: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ ڪنهن شهر ۾ ڪو صاحب ڪمال شخص هو ،جنهن جي روش هوندي هئي تہ ٻيون نمازون سڀ پنهنجي مسجد ۾ ادا ڪندو هو،مگر جمعي نماز سا هميشہ جامع مسجد ڏانهن پڙهڻ ويندو هو، واٽ تي هڪڙي لوهر جو دوڪان هو انهي دوڪان واري لوهر کان اچي پڇندو هو تہ ادا جامع مسجد ڏانهن ڪهڙو رستو ٿو وڃي؟هڪڙي ڏينهن لوهر چيس تہ حضرتا! توهان هن ڳوٺ جا رهاڪو ۽ وري هر ڪنهن جمعي تي جامع مسجد ڏانهن ويندڙ بہ آهيو، پوءِ بہ هر جمعي تي مون کان رستو اچي پڇندا آهيو سو ڪهڙي سبب؟بزرگ ورندي ڏنس تہ ادا مسجد شريف جو رستو آئون بہ ڄاڻان ٿو پر منهنجي مرضي هوندي آهي،تہ پنهنجي نفس جي خواهش ۽ رهنمائي سان مسجد شريف ڏانهن نہ وڃان بلڪ بي جي چوڻ ۽ ڏس تي وڃان تہ چگو آهي.

نقل 4: هيڪر پاڻ هي بيت سنڌي ڪنهن بزرگ جو ناهيل زبان مبارڪ سان فرمايائون پي تہ:

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اڏوڪاري ان سان ٿورو گاھ چاريوس
اسور اٽڻ جو ڪرڪرو ڦيريوس
تنگ توڪل توپرو ھنو حقيقت رکوس
محبت جي ميدان ۾ ٿوريو ٿھلايوس
انھي ھير ھلايوس تہ ٿي سوڏو شاھ عنايت چوي

پاڻ انھي بيت جي تقرير ڪندي فرمايائون تہ انھيءَ ذڪر ڪيل معاملي ۾ طالب لاءِ اھنجائي ۽ سالڪ لاءِ زيادتي آھي ۽ اسان جي دل ۾ ٿورڙو قدر اچي ٿو تہ،

لائي ترار لا جي ڪٽي خچر کي ھڻ
سڏن جون سيد چئي وٺون سپ وڪڻ
پير تھان پوءِ ڪڻ تہ ھلڻ ۾ ھورو ٿئي.

نقل5: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو تہ ھيڪر آئون درگاھ مبارڪ تي سندن حضور ۾ حاضر ھوس، پاڻ نفس جي مخالفت لاءِ ڪوشش بابت بيان پي فرمايائون تہ جيڪو شخص پنھنجي نفس جي سڏن جي پويان وڃي ٿو، تہ انھيءَ جو مثال اھڙو سمجھڻ گھرجي جو گوياڪ ڪتو آھي، جو ڏونڊ جي بوءَ ڏوڙندو پيو وڃي، بلڪ حقيقت ۾ ان ڪتي کان بہ بدتر آھي.

مولانا رومي ﷺ فرمائي ٿو تہ:

گر کنی یک آرزوئے خود تمام
از تو صدابلیس زاید والسلام

يعني:جيڪڏھن نفس پليت جي رڳي ھڪڙي خواھش پوري ڪيئي،تہ تو مان سو ابليس جمي پوندا.

جامع ملفوظات ﷺ فرمائي ٿو تہ اھڙي طرح پاڻ نفس جي تابعن کي تمام ڏاڍي ڇينپ فرمايائون، جو حاضر مجلس ماڻھن مان سڀ ڪنھن ايئن پي سمجھيو تہ پاڻ مون کي ٿا ڇينپ ڪن. تنھن ڪري سندن وعظ سان جماعت ۾ ڏاڍو وجد ،جوش ۽ روچ ڪڙو ٿي ويو ، ان وقت حقائق آگاھ ميان آئل فقير (جو سائين جي ڪامل مريدن مان ھو سو بہ) روچ ۽ جوش ۾ اچي جماعت مان اٿي نڪتو ۽ مسجد شريف جي ڏکڻ پاسي کان جت سندس ويھڻ جي جاءِ ھئي وڃي ويھي رھيو،پوءِ جڏھن پاڻ اندرحويليءَ ڏانھن اسريا ،تڏھن آئون آئل فقير وٽ ويس ۽ ڏٺم تہ روچ کان سندس منھن سارو ڳاڙھو ٿي ويو آھي ۽ اکين مان ڳوڙھا ڳڙڳڙ ڪري پي وڙھس ۽ جوش مان چوي پيو ھي نفس کو مير فتح علي ٽالپر يا مير سھراب ٽالپر يا مير ناري ٽالپر جي لشکر ۾ تہ ڪونہ آھي.مگر ھن مسجد شريف جي ڪنڊ ۾ جتي ڪلئي بک ئي بک اٽس اچي پيو آھي.

نقل6: ھيڪر پاڻ درگاھ مبارڪ تي باھر وينا ھئا تہ ھڪڙو پير مرد شخص سندن خدمت بابرڪت ۾

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حاصر ٿيو ، ۽ پنج روپيہ نذرانو رکي عرض ڪيائين تہ حضرتا!دعا فرمايو تہ مونکي اولاد ٿئي. پاڻ الله تبارڪ وتعالي جي درگاھ ۾ ھٿ کٹي دعا گھريائون، اھو پوڙھو شخص موڪلائي ھليو ويو. پاڻ گھڙي کن ويچار ۾ مٹو مبارڪ ھيٺ ڪري پوءِ مٹو مبارڪ کٹي فرمايائون تہ اي يار! ڏسو تہ ھن شخص ڪراڙپ جي وقت ۾ اولاد لاءِ سوال ڪيائين باقي ايمان نہ گھريائين اولاد ۾ جي صالح ٿئي تہ واھ واھ نہ تہ ان مان سوين فتنا ۽ زحمتون آھن. جيئن تہ الله تبارڪ وتعالي فرمايو آھي تہ

”اِنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَ اَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ“ (التغابن : ۱۵)

ترجمو: توھان جا مال ۽ توھان جي اولاد توھان لاءِ فتنو آھن.يعني الله تبارڪ وتعالي جي رستي کان روڪيندڙ آھن.

نقل7 : حافظ ڳھٹو(درويش گھنگھر) فقير نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ ڪو جوڳي فقير ھو جنھن نانگ ونڻ لاءِ نانگ جي ٻر تي مرلي پي وڄائي،گھٹي وقت تائين مرلي وڄائڻ جي باوجود نانگ نہ نڪتو ، ويچارو مايوس ٿي اتي ويھي رھيو.اتفاقاً حضرت موسيٰ عليہ السلام جو انھيءَ جوڳي کان اچي لانگھائو ٿيو،جوڳي سندس خدمت ۾ عرض ڪيو تہ يا نبي الله! الله تبارڪ وتعالي کان دعا گھر تہ نانگ سوراخ مان ٻاھر نڪري تہ آئون ڪيس ونڻان. حضرت موسيٰ عليہ السلام، الله تبارڪ وتعالي جي درگاھ مان ان سائل لاءِ دعا گھري .الله تبارڪ وتعالي جي درگاھ مان وحي آئي تہ اي موسيٰ! نانگ جو ٻاھر نڪرڻ انھيءَ جوڳي لاءِ نقصان آھي، تنھن ڪري نانگ کي نڪرڻ جو حڪم نہ ڏا ڪيون. حضرت موسيٰ عليہ السلام اھا ساري ڳالھ جوڳيءَ کي ڪري ٻڌائي . جوڳي عرض ڪيو تہ حضرتا!مون کي اھو ضرر۽ نقصان قبول آھي، پر عرض ڪيو تہ اھو نانگ نڪري حضرت موسيٰ عليہ السلام وري مناجات ڪئي ،جنھن ڪري نانگ ٻاھر نڪتو جوڳي يڪدم وڃي ڪيس ونڻ لاءِ ھٿ وڌا، نانگ ڪنڌ ڦيرائي ٽڪاءُ ڏنگ ڪرايس،جو اتي جو اتي جوڳي ڦٽڪي ساھ ڏنو.

پاڻ انھيءَ ھنڌ فرمايائون تہ ماڻھوءَ جو نفس ۾ انھي نانگ جي مثل آھي ،پوءِ اھو نفس وارو نانگ ۾ ماڻھو سان اھڙوئي نقصان ٿو ڪري جھڙو انھي نانگ جوڳي سان ڪيو،بلڪ انھيءَ کان ۾ زيادہ.ڇو تہ ظاھري نانگ جو ڏنگيل تہ رڳو ھن جھان جي حياتيءَ کان مري فنا ٿو ٿئي پر انھيءَ نفس نانگ جو ڏنگيل ٻنھي جھانن ۾ حياتيءَ جي اميد نہ ٿو رکي.

ڪنھن بزرگ فرمايو آھي:

اگر مارسيہ در آستيں است
بہ از نفسی کہ باتو ہم نشيں است

يعني: جيڪڏھن ڪاريھر نانگ دامن ۾ اچي پوي تہ اھو وري ۾ نفس جي سنگت کان تو لاءِ بھتر آھي.

نقل8: ھيڪر پاڻ نقل فرمايائون تہ ڪو چور شخص چوريءَ جي ارادي سان ھڪڙي شھر ۾ لنگھي

ويو، گهمندي گهمندي بادشاه جي ماڙيءَ هينان اچي پهتو. ڏٺائين تہ محلات جي اندر ڏيئو پيو ٻري هي رسو اچلائي مٿي ماڙي چڙهي اندر لنگهي ويو. اندر وڃي ڏسي تہ بادشاه جي ڌيءَ بادشاهاڻي هنڌ تي ننڊ پيئي آهي ۽ ننڊ جي غلبي کان جسم تان ڪپڙا ب سرڪي ويا اٿس. چور جو شهزاديءَ کي اگهاڙو ڏٺو سو اندر ۾ اچي شهوت جي خيال غلبو ڪيس تہ ايتري ۾ دل اندر الله تعاليٰ جي طرفان ڪيس هي فڪر اچي پيو تہ اي فلاٽا! جيڪڏهن هينئر تون هي ڪم ڪري ويندين تہ هن نينگريءَ کي حمل ٿي ويندو،پوءِ انهيءَ ڪري بادشاه جي گهر ۾ ڏاڍي خواري ۽ خجالت پيدا ٿي پوندي. پوءِ الله جي خوف ۽ ڊپ ڪري انهي بد فعلي کان باز اچي ارادو ڪيائين تہ ٻي ڪا شيءَ ڪٽي وڃان. اڳتي وڌي ڏسي تہ هڪڙو ڏاڪون تمام عمدي طعام سان پريو رکيو آهي،ڪيس بک تہ اڳئي هئي ڏاڪون جو ڏڪ لاهي کائڻ لاءِ منجهس هٿ وڌائين. ايا پنجن ئي آڱرين سان گرهہ ڏاهيائين،تہ وري دل ۾ خيال آيس تہ جيڪڏهن آڻون هتان ڪجهہ کائيندس تہ صبح ساڻ بادشاه جي ڌيءَ ٻانهي کي بهتان ڪري وڃي ويندي تہ تو کاڌو آهي پوءِ ناحق ٻي تي ظلم ڪرائي وجهندس. انهي ڪري وري ب الله تعاليٰ جي خوف کان گرهہ اتي ئي ڦٽو ڪري وري ساڳيءَ ريت ڏڪ ڏيئي خالي هٽين ماڙيءَ تان هيٺ لهي آيو ۽ اچي مسجد شريف ۾ ويهي رهيو. هوڏانهن گهڙيءَ کان پوءِ بادشاهزاديءَ ننڊ مان جاڳي ۽ ٻانهيءَ کان کاڌي جي طلب ڪيائين. ٻانهي اهو ڏاڪو ڪٽي اچي سندس آڏو رکيو.بادشاهزادي ڏڪ لاهي ڏسي تہ ان ۾ هڪڙو گرهہ ڏهيو رکيو آهي۽ آڱرين جا نشان ب مٿس بينا آهن. ٻانهي کي چيائين تہ شايد تو هن طعام ۾ هٿ وڌو آهي. ٻانهي قسم کٽي عرض ڪيو تہ مون کي ڪا خبر ڪانهي.تڏهن شهزادي حڪم ڪيو تہ هي ڏاڪون کٽي ڪنهن مسافر کي مسجد شريف ۾ وڃي ڏئي اچ. ٻانهي اهو ڏاڪون کٽي آئي ۽ مسجد شريف ۾ سڏ ڪيائين تہ ڪو مسافر آهي؟ چور اتي وينو هو تنهن ورندي ڏني تہ هائو آڻون مسافر آهيان. ٻانهي اهو ڏاڪون کٽي سندس آڏو رکيو. چور ڏاڪون ڏسي سجاتو ۽ کلي ڏٺائين ٻانهي پڇيس اي مسافر! ڇو کلئين؟ پر هن کا ب ورندي ڪانہ ڏنس. ٻانهي اچي بادشاهزاديءَ وٽ مسافر جي کلڻ بابت ڳالهہ ظاهر ڪئي. بادشاهزادي چيو تہ وڃي ان مسافر کي هيڏي وڃي آءُ. جڏهن هو آيو تڏهن بادشاهزادي پڇيس تہ تنهنجي کلڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ چور چيو تہ اي بادشاهزادي! انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏ،۽ اها پڇا نہ ڪر پر بادشاهزادي وري ٻيهر زور سان پڇيو .تڏهن هن شخص زري پرزي سپ ڳالهہ ڪري ٻڌايس . بادشاهزادي جڏهن اها حقيقت ٻڌي تڏهن کيس چيائين اڄ تون اتي اسان وٽ هج ۽ کو خوف نہ ڪر،اهو شخص شهزاديءَ جي حڪم موجب اتي ترسي پيو۽ نينگري اتان سڏي پيءُ وٽ آئي ۽ چيائينس تہ اي بابا!مون اڄ پاڻ لاءِ مڙس لڌو آهي. بادشاه پڇيس ڪيئن؟ بادشاهزادي سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايس . بادشاه ان شخص کي گهرائي وري احوال پڇيو. هو ساري ڳالهہ ڪري وڃي مٿي چڙهيو بادشاه مٿس اهڙو راضي ٿي پيو جو پنهنجي ڌيءَ جو يڪدم ساٽس نڪاح ڪري ڏنائين انهيءَ بيان کان پوءِ پاڻ فرمايائين تہ جڏهن هو شخص الله تعاليٰ جي خوف کان هنن ٻن شين يعني طعام ۽ شهوت

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

راني ۽ کان پاڻ کي بچايو ته الله سائين ٻه وري اهي شيون کيس مرحمت فرمائي ڇڏيون،سو ٻه حرام کان بچائي حلال طرح عطا فرمايائينس.

نقل9:جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته ته هيڪر آئون سندس حضور مبارڪ ۾ وينو هوس،ته هڪڙي شخص خدمت ۾ ڳالهه ڪئي ته ميان محمد قاسم معلم (رهندڙ ڪاتيارن واقع پرڳٽي چاڪر هالي جو) پنهنجن ڪٽابين سميت هڪڙي تابوت جي پيڇ لاءِ ويو، جيڪو خواجي مهر علي ميمڻ جي پٽن ٺهرايو هو،اتي ماتمدارن مان ڪن لچن ماٺهن کيس البت مارڪٽ ڪئي ۽ تڪليف پهچائي. پوءِ جڏهن عاشورن جا ڏينهن گذريا،تڏهن اهي ميمڻ انهيءَ مارڪٽ جي معافي ونڻ لاءِ ڪي سادات سڳورا ميڙ طرح وڃي انهي بزرگ وٽ اچي معافي طلب ٿيا، پر بزرگ سندن ميڙ قبول نه ڪئي ۽ چيائين ته جيڪڏهن آئون راضي ٿيندس ته دين سڳوري جي بي رونقي ۽ گهٽتائي ٿي پوندي،پاڻ اها ڳالهه ٻڌي فرمايائون ظاهري عالمن جي سمجهه ڪهڙي نه ابتي آهي جو معافي ڏيڻ ۾ دين جي بي رونقي ٿا سمجهن،حالانڪ دين جي زيادتي ته آهي ئي معافي ڏيڻ ۾. "اِنَّ اللّٰهَ عَفُوٌّ يُحِبُّ الْعَفْوَ" جي ابتڙ رڳو پنهنجي نفساني غرض ۽ ڪاوڙ پوري ڪرڻ لاءِ اوٽ وري دين جي زيادتي جي پيا ڪن.

نقل10: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته هيڪر آئون شهدادپور جي سفر ۾ ساڻن حاضر خدمت پي هليس ته ايتري ۾ ميوو فقير (جو خليفي ميان اسماعيل ڪونهيرن وارن جي جماعت مان هو) گهوڙي تي بنا هني جي چڙهيو اچي منهنجي پرسان ٿيو، مون چيومانس ته هي گهوڙو خريد ڪيو اٿئي؟ فقير چيو ته جڏهن ٻين منهنجن سينگتين جماعتن گهوڙا خريد ڪيا، تڏهن مون ٻه قرض ڪٽي گهوڙو ورتوآهي. سندس اهو چوڻ سائين جن ٻڌي مثال طرح فرمايائون ته لاڙ جي سفر ۾ شهدادپور ۾ آياسون ،ته اتي هڪڙي فقير ست جي واڳ اسان جي گهوڙي لاءِ نذراني طرح آڻي ڏني،جا ڳاڙهن ۽ ڦڪن گلن سان سينگاريل هئي،پيو هڪڙو فقير جو ان وقت حاضر هو سو اها اسان جي گهوڙي جي واڳ ڏسي ويو ۽ ٻه ٽي ڏينهن ڏڻوسون ته نظر ڪونه پئي آيو،ڇ مدت کانپوءِ جڏهن جماعت ۾ موٽي آيو،تڏهن ڏٺم ته پنهنجي گهوڙي جي واڳ اسان جي واڳ جهڙي وجهي آيو آهي۽ ايترا ڏينهن انهيءَ واڳ ناهڻ ۾ مشغول رهيو،پوءِ پاڻ فرمايائون ته فقير ٻه ائين پئي سمجهيو ته پير جي متابعت ڪئي اٿم ۽ پنهنجي نفس جي سڏن جي وري سڏ ئي ڪونه پيو لهي ته ڪو ان جي فرمانبرداري ۾ پيو وڃان،ڇو ته اسان وٽ اها واڳ الله تبارڪ وتعاليٰ بنا خيال ۽ ارادي جي موڪلي هئي ۽ هو وڏي تڪليف ۽ ڪشالو ڪري پنهنجن هٿن جي محنت سان ٺاهي آيو هو، واه جي متابعت ڪيائين.

نقل 11: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته خواجه حسن بصري رضي الله عنه پنهنجي نوڪر کي هڪ ڏينهن امر فرمايو ته سٽيي ماني ۽ پڳل مڇي تيار ڪري اڇ. پوءِ جڏهن خادم ماني ۽ مڇي آڻي حاضر ڪئي تڏهن انهيءَ کي ڏسي روئي ڏنائون ۽ وري چاليهه ڏهاڙا هرگز طعام کي ويجها کو نه ويا.

نقل12: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت امير المؤمنين امام الاشجعين مرتضي علي ڪرم الله وجهه

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪنهن ڪافر پهلوان سان جنگ پي فرمايائون .جڏهن هڪ ٻي سان اچي اٽڪيا،تڏهن اسد الله الغالب انهي گيدي گدڙ جهڙي کي ونندي ئي جاءِ کان مٿي پٽي ڪٽي زمين تي هنيو ۽ ميارٺ مان خنجر ڪڍي سندس ڪهڙ لاءِ تيار ٿيا ، ان وقت جڏهن ڪافر کي مقابلي جي ڪا طاقت ڪانه رهي۽ پنهنجي نڙي تي خنجر ڏسي حياتي جو آسرو لاٿائين ،تڏهن پنهنجي پليتي ۽ ساڙ ڪان وات مان ٽڪ ڪڍي سندن چند جهڙي منهن مبارڪ ڏانهن اڇلايائين.سندس ٽڪ اڇلائيندي ئي پاڻ يڪدم ٽپو ڏيئي سندس چاتيءَ تان لهي پيا ۽ ڪيس بلڪل ڇڏي ڏنائون.ڪافر هي هلت ڏسي حيران ٿي ويو ۽ عبرت ۾ پرجي عرض ڪيائين ته حضرتا!جيتري مونکي طاقت ۽ قدرت هئي ايتري قدر تنهنجي مقابلي ۾جنگ ۾ ڪوشش ڪيم، پر پوءِ به جڏهن مون تي غالب پئجي ويؤ۽ زمين تي اڇلائي ڪهڙ لاءِ تيار ٿيؤ تڏهن به مون پنهنجي اندر جي ساڙ کان اهڙي بي ادبي ۽ گستاخي ڪري گذريس،جو اهائي هڪڙي بي ادبي منهنجي سر اڏائڻ لاءِ ڪافي هئي.پر اوهان انهيءَ بي ادبي تي ڪاوڙجڻ بدران مون دشمن کي يڪدم آزاد ڪري ڇڏيو،سو ڇو؟حضرت علي شيرِخدا رضي الله عنه جواب ۾ فرمايائونس ته اسانکي ڪافرن سان جنگ ۽ جهيڙي جو حڪم الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاهه مان خاص هن ڪري مليو آهي ته انهن دين جي مخالفن دشمنن سان خاص الله تبارڪ وتعاليٰ جي لاءِ جنگ ڪريون،باقي نفساني غرض لاءِ اسان جي جنگ نه هوندي آهي.هينئر جو توکان اهڙو بيڙو ڪم صادر ٿي پيو ،پوءِ ڏٺم ته هينئر جو توکي ڪهان ٿو ته انهي ڪهڙ ۾ نفس به پائيوار ٿي پوي ٿو، ڇو ته انهيءَ بي ادبي ڪري ڪيس رنج پهتو آهي،تنهن ڪري توکي ڇڏي ڏنم ته نفس انهي خدا ڪارڻ ڪيل ڪم ۾ شريڪ نه ٿي پوي.

جيئن ته مولانا رومي قدس سره انهيءَ بابت فرمايو آهي،

گفت من تيغ از پئے حق ميزنم
بنده حقم! نه مامور تنم

يعني: حضرت علي رضي الله عنه ان ڪافر کي چيو ته آءُ جو هي ترار پيو هٽان ،سا خاص الله تبارڪ وتعاليٰ لاءِ وهايان ٿو ،نه نفساني غرض لاءِ،ڇو ته آئون الله تبارڪ وتعاليٰ جو بانهو آهيان ،انهيءَ جي حڪم موجب هلان چلان ٿو،باقي نفس جو بانهو ناهيان جو ان جي فرمانبرداري ڪريان.

شير حقم نيستم شير هوا
فعل من بردين من باشد گواه

يعني: آئون الله تعاليٰ جو شينهن آهيان،باقي اسد النفس يعني پنهنجي نفس جو شينهن ناهيان، جو انهيءَ لاءِ پهلوانيون ڏيکاريان،منهنجي دين جي سچائيءَجا شاهد آخر منهنجا ڪم ئي ته آهن.پوءِ جي ڪمن ۾ ڪيان نفس جي تابعداري ۽ زبان سان ظاهر ڪيان دين جي سچائيءَ ته اها ڳالهه درست نه ٿيندي.اهو ڪافر انهيءَ معقول تقرير ٻڌندي ئي بي اختيار دين جي سچائي ڏي جذب ٿي ويو،۽ چيائين

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تہ اھڑو ٻي وقتو رحم ڪرڻ دين جي سچائي کان سواءِ نڻو ٿي سگھي،تنھن ڪري آئون شاھدي ٿو ڏيان تہ اوھان جو دين برحق آھي! ائين چئي شھادت جو ڪلمو پڙھي حضرت علي رضی اللہ عنہ جي ھٿ تي ايمان آندائين.

نقل13: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ ھيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ حيدرخان پرڳڙيءَ جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا.گفتگو ھلندي پاڻ حيدرخان کي فرمايائون تہ اي حيدرخان! تون مختيارڪاريءَ جي عھدي کان اڳ ۾ تہ امير ماڻھو ھئين ۽ دنيا جي گذران ۾ آسودو پئي گذاريئي، ھينئر توکي ڪھڙي ضرورت پئي جو مختيارڪار جي عھدي ۾ پاڻ کي نيئي اڙايئي،جنھن ۾ مخلوقات جي ايذاءَ ۽ پٽ ڪانسواءِ ٻيو ڪو فائدو ڪونھي. اتي پائيخان پرڳڙي جو حيدرخان جو سوٽ ھو،تنھن عرض ڪيو تہ حضرتا! ھي ۽ اوھان بزرگن جي توجہ مبارڪ ۽ مھرباني جي برڪت جو اثر آھي. پاڻ جواب ۾ فرمايائونس تہ ادا! اسين تہ ائين ٿا گھرون تہ اسان جا سڀ مريد نفساني سڏن ۽ حرص کان آزاد ٿي امن امان سان اللہ تبارڪ وتعالي جي طلب ۾ لڳا پيا ھجن. باقي ھي عھدو جو اوھان اختيار ڪيوآھي،سو اوھان جي نفس جي شامت آھي،نہ ھن فقير جي دعا.

نقل14: ھيڪر پاڻ حديث شريف مان نقل بيان فرمايائون تہ ھڪڙي ڏينھن حضرت اميرالمؤمنين علي ڪرم اللہ وجھہ ھڪڙي وڏي جماعت سان گڏيا ڪنھن رستي سان پي ويا تہ وات سان ھلندي اتفاقاً سندن ھٿ مبارڪ مان چھبڪ ھيٺ ڪري پيو،تڏھن حضرت علي ڪرم اللہ وجھہ ٻي ڪنھن کي بہ چھبڪ ڪٽي ڏيڻ جي تڪليف ڪانہ ڏنائون بلڪ پاڻ گھوڙي تان ھيٺ لھي،چھبڪ پنھنجي ھٿ سان ڪٽي وري وڃي گھوڙي تي سوار ٿيا.پاڻ فرمايائون تہ حضرت اميرالمؤمنين جن ايترو سوال ڪرڻ بہ جائز نہ رکيو اٿن.

نقل15: ھيڪر پاڻ فرمايائون تہ انسان جي بدن ۾ جيستائين ھڪڙو پيٽ بکيو رھندوتيستائين ٻيا سيئي عضوا ڏاول ھوندا پر جي ھڪڙو پيٽ ڏاول ٿيو تہ ٻيا ڪل عضوا بکيا رھندا.پوءِ فرمايائون تہ حضرت سرور ڪائنات ﷺ جن جي ظاھري زماني ڪانپوءِ پھرين بدعت جيڪا پيدا ٿي، سا اھا پيٽ پري ڪائڻ جي بدعت ھئي. مولانا رومي قدس سرہ ان بابت فرمايو آھي:

گر تو ايں انبان زنان خالی کنی
پرز گوھر ھائی اجلالی کنی

يعني:اھا پيٽ واري ڪلي ماني کان خالي ڪندين،تہ بي بھا خدائي موتين سان پري وجھندين.

نقل16: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ جڏھن پاڻ ناڙي ملڪ جي سفر تي تشريف فرما ٿيا ھئا،تن ڏينھن ۾ سندن دماغ تي زڪام جواثر غالب ٿي پيو ھو.پاڻ ھن خيال ڪري تہ زڪام سرديءَ جي اثر کان ٿيل آھي ڏونري،لسي ۽ڪير کان پرھيز فرمائيندا ھئا.پوءِ ھڪڙي ڏينھن ڪنھن ديھ کان اچي لانگھائو ٿيا،تہ اوچتو ھڪڙي عورت ڏھي جو وٽو پري اڇيان ڪٽي آئي۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! خدا تعالي جي نالي تي ھي پي ڇڏيو. پاڻ فرمائن ٿا تہ انھي جي ڏسڻ سان طبيعت کي سندس

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پيئڻ ڏاڍو سخت ۽ منو لڳو پر معطي غيبي جي هٿ جو ڏنل سمجهي رضامندي موجب سيئي پي وياسون ،پيئڻ شرط زڪام جو اثر جو گرمي جي ڪري پيدا ٿيل هو يڪدم دفع ٿي ويو.

نقل17: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ زبان مبارڪ سان فرمايائون ته هڪڙي وقت اسان کي عضون تي قرڙي نڪري پئي هئي، جنهن ۾ ڏاڍو درد ۽ سور هو ان جي دفع لاءِ ڪا دوا به ڪانه ڪئي سون هڪڙي ڏينهن اندران جاءِ تان چيائون ته جيڪڏهن موڪل ملي ته ڪجھ مکڻ ذرو قرڙي تي مکيون ته انهيءَ سان منهن نرم ٿيندو.اجازت کانپوءِ مکڻ لاتائون ته ان تي اچي مکيون گڏ ٿيون،پهريان ته خيال آيو ته مکيون پل ته پنهنجي مرضي موجب وينيون ڪائن پر پوءِ وري خيال ٿيو ته مکين جي ڪائڻ کان جيڪڏهن قرڙيءَ جو منهن موڪرو ٿي پيو ته اهو بهتر نه ٿيندو ،انهيءَ خيال اچڻ سان مکيون قرڙي تان تڙي ڇڏيون سون.

نقل18: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون پي ته جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن سان چڱائي ڪندو ،پوءِ توڙي مسلمان يا ڪافر سان چڱي سان توڙي بيڙي سان ته به ان چڱائي جو نتيجو آخر چڱو ئي ڏسندو،مگر هڪڙو نفس اهڙو ته پليت دشمن آهي جو ان سان جيتري به چڱائي ڪجي اوتري هو دشمني ۾ بيڙائي زياده ڪندو،پوءِ جيڪو ان سان چڱائي زياده ڪندو ته ان مان نتيجو بيڙو به گهٽو ڏسندو.

نقل19: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حاتم اصم رضی اللہ عنہ جي نوڪرن مان هڪڙو شخص ڪنهن گجرن وڪٽندڙ کان هڪڙي ڏينهن پائيءَ جون گجرون خريد ڪري ونڻي ويو ۽ وري ٻي ڏينهن به موٽي اچي ان گجرون وڪٽندڙ کان پائيءَ جون گجرون گهريائين. وڪٽندڙ جواب ڏنس ته هن پاڇي ۾ مونکي رڳو هڪ پائيءَ جي گجرن جي وڪٽڻ جي موڪل هئي سي وڪيون اٿم،گهڙي ڪن ترس ته ٻي ڪنهن دڪاندار کان موڪل ونڻي سندس دڪان جي پاڇي ۾ توڪي گجرون توري ڏيان پر هي ته ٻڌاءِ ڪالھ به تون پائيءَ جون گجرون ونڻي وئين اڄ به وري پائيءَ جون گجرون ونڻ آيو آهين سو ڪنهن جي واسطي ونڻي ٿو وڃين؟ نوڪر جواب ڏنو ته حاتم اصم جي لاءِ گجرن واري چيو ته حاتم اصم ڏاڍو ڪو لڏتون ونڻ وينو آهي، جو به ڏينهن ساندھ پائيءَ جون گجرون ونڻي ٿو ڪائي نوڪر وڃي اها ڳالھ حاتم سان بيان ڪئي،حاتم چيس ته وڃي انهيءَ شخص کان سندس احوال جي حقيقت پڇي اچ،ته تنهنجو ڪهڙي طرح گذر آهي هن موٽي اچي گجرن واري کان ان بابت پڇيو ؟گجرن واري جواب ڏنو ته مونکي ٻائيتاليھ ورھ هنن گجرن وڪٽندي گذري ويا آهن پر ڪڏهن هڪ گجر به وات سان چکي ڪانه اٿم.

اي عزيز! اهڙيءَ طرح طالب کي به پنهنجي نفس کي بار هيٺ قيد ڪري ڇڏڻ گهرجي۽ ڪڏهن به سندس مراد تي ڪيس نه ڇڏڻ گهرجي ته جيئن سيئي سڏون وساري ڏٽي ڪري.

نقل20: هيڪرپاڻ بيان فرمايائون ته ڪو عابد شخص حضرت بايزيد بسطامي رضی اللہ عنہ جي وقت ۾ هوندو هو،سو حضرت بايزيد رضی اللہ عنہ جي مريدن کان الله تعالي جي اسرارن ۽ معرفت جون ڳالهيون پيو

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٻڌندو هو،هڪڙي ڏينهن حضرت بايزيد قدس سره جي حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! آئون ساري رات الله تبارڪ وتعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت ۾ ايپي پير بينو ٿو رهان ۽ ڏينهن جو هميشہ روزو وات ۾ اٿم ۽ زهد ۽ رياضت ۽ مجاهدن ۾ مشهور معروف آهيان،پر تڏهن بہ جيڪي اسرار ۽ علم توهان جا مريد بيان ٿا ڪن مونکي انهن مان ڪا سمجھ ڪانہ ٿي پوي سو ڪهڙو سبب؟ حضرت بايزيد قدس سره فرمايس ته اي ادا! تو اهڙي مقامات ۾ گذاريو آهي جو عزت ۽ مرتبي وارا آهن، پر جيڪڏهن تنهنجي مرضي هجي ته اهي اسرار ۽ علم مخفي حاصل ڪريان ته هيئن ڪر جو شهرجي ٻارن کي منائي ڏيئي پنهنجي پوئتان لاهہ ته توکي گاريون ڏيندا ۽ بيڙن نالن ۽ لقبن سان سڏيندا ، خوار ڪندا اچن ۽ تون اهڙي خواري سان شهر مان گهر گهر پنندو اچ،ته پوءِ انهن اسران مان توکي بہ بهرياب ڪري ڇڏيان،هن چيو ته اهو ڪم مون کان هرگز نہ ٿي سگهندو،باقي ٻيو جيڪو حڪم ڪرين ته حاضر آهيان حضرت شيخ قدس سره فرمايس ته اهو توکان نہ ٿو ٿئي ته ٻيو بہ توکان نہ ٿي سگهندو.

اهو نقل بيان ڪري پاڻ فرمايائون ته ان زاهد جي بيماري ۽ اندر جي مرض جي دوا هئي رڳي اها جا حضرت شيخ صاحب ڏسيس.يعني ته هن کي پنهنجي وڏائي ۽ عزت ۽ مرتبي جو گهٽو خيال هوندو هو،تنهن جي لاءِ حضرت شيخ جو ڏس اڪسير جي حڪم ۾ هو،پر هو بي نصيب ان جي استعمال کان نابر ٿي ويو،تنهن ڪري محروم رهجي ويو، باقي بي دوا ان لاءِ هئي ڪانہ جو استعمال ڪرائي وڃي.

نقل21: هيڪر پاڻ فرمايائون ته هڪڙي ڏينهن حضرت امام حسن رضي الله عنه پنهنجي هڪ خادم سان گڏيا ڪنهن رستي سان پي ويا وات تي پنهنجي غلام کي ڪنهن ڪم بابت حڪم فرمايائون انهي غلام اهو ڪم ته بجاءِ نہ آندو، پر رهندو ڏند ڪڍي امام صاحب جا ويچارا ڪيڙ لڳو. امام صاحب جن کلي ڏنو ۽ فرمايائون ته تون ٿو چوين ته مون کي امام صاحب ماريٺ ڪري يا گاريون گند ۽ بدشد چوي سو نہ ٿي سگهندو باقي وچ توکي لوجہ الله تعالي آجو ڪري ڇڏيم.

نقل22:جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر آئون سندس خدمت مبارڪ ۾ وينو هوس،پوءِ پاڻ ڳالهہ ڪيائون ته هڪڙي پيري اسان دنيا جو ترڪ ڪيو هو، پوءِ پيا ٽپڙ ته سپ ڪڍيا ويا پر جيڪي مينهون هيون سي بہ ڪهي فقيرن کي ڪارائي ڇڏيون سون پر هڪڙي مينهن جا ڪير جي ڏاڍي پلي هئي،سا وڃي بچي پهريان ته چيوسون ته اها بہ ڪهي في سبيل الله ڪارائي ڇڏيون،پر پوءِ دل ۾ خيال آيو ته هيءَ مينهن تمام پلي آهي،جي ڪهي ڪائبي ته فقيرن جو هڪڙو ويلو ٿيندو،پر جي وڪڻي پئسا ڪبا ته پئسا گهٽا ملندا پوءِ اهي پئسا وري فقيرن کي ٿي ڏينهن طعام ڪارائجي ته بهتر ٿيندو،انهيءَ خيال ڪانپوءِ جو وري فڪر ورتوسون ته معلوم ٿيوته اهو نفس جو خيال هو چو ته نفس جي انهيءَ مينهن سان محبت هئي تنهن ڪري سندس ڪهڙ نہ پيو سهي ۽ چوي پيو ته جيڪر ڪنهن بہ دستور طرح اها مينهن جيئري رهي،پوءِ يڪدم حڪم ڏنوسون اها مينهن ڪهي فقيرن کي ڪارائي ڇڏيو.

نقل23:پاڻ فرمايائون ته خليفي ميان الهرڪيو رحمة الله عليه کي طعام ڪائڙ جي اشتها يعني بک جي صفت

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

طبيعت مان بلكل نكري وئي هئي،جو ڏڻ ڏڻ ويهه ويهه ڏينهن ساندهه کو پور به کونه کائيندا هئا، جڏهن گهر جا پاتي يا پيا کي ماٹهو زوري مس کوشش کري کارائيندا هئا، ته لاچار کو گرهه کٹندا هئا نه ته خير.پاڻ فرمايائون ته اسان کي به دل ۾ خيال آيو ته جيکر طعام کائڻ جي اشتها بند کري ڇڏيو،پر پوءِ الله تبارک وتعالي پنهنجي پلائي سان اعلان ۽ الهام فرمايائوته بهتر ائين ٿيندو جو طبيعت جي اشتها هوندي به نفس جي خواهش تي لت ڏيئي سندس بر خلاف عمل کيو وڃي،پر جي طبيعت جي خواهش کي ئي بند کري ڇڏبو ته اهو درجو حاصل نه ٿي سگهندو،جيکي خواهش هوندي نفس جي مخالفت سان حاصل ٿيٹو آهي.جيئن ڏسو ته ملائک توڙي ک الله تبارک وتعالي جي درگاهه جا مقرب آهن پر جڏهن ته نفساني خواهشون سندن وجود ۾ آهن ئي کين،تنهن کري نبين سڳورن ۽ اولياءِ کرام جو قرب ۽ عزت ۽ درجو انهن کان برتر ۽ اعلي آهي.

نقل24:حافظ اسماعيل هوت (رهندڙ ديهه کامواٹي واقع پرڳٹي چاچکن جو) نقل کري ٿو ته هيکر پاڻ مُلن سانوٹين جي دعوت تي پراٹن هالن ۾ تشريف فرما ٿيا هئا،پوءِ اتي پاڻ، مفتي محمد حسين کان پاٹيءَ جي طلب کيائون ، مفتي صاحب جلدي گهر وڃي کٹک جون مانيون پچرائي مٹس ڇڇ سارو مکڻ کنڊ وجهرائي وڏي تکلف سان کٹائي آڻي حاضر کيائين، پاڻ اتان کجهه به کو نه کاڏائون،بلکه ساوڙي جي ٻوڙ مان جو دعوت واري فقير جماعت لاءِ تيار پي کيو کجهه گهرائي کائي مٹان پاٹي پي ڇڏيائون.

نقل25: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته هيکر پاڻ قلعي جيسلمير جي سفر ۾ هکڙي فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا ان ڳوٹ جي مريدن توڙي ٻين ماٹهن پکل منائي تمام گهٹي نذراني ۾ آندي پوءِ آرام مهل پاڻ رات جو هکڙي فقير کي فرمايائون ته منائي کٹي اچي حاضر کر پوءِ اها منائي فقير کي ڏيئي حکم فرمايائون ته جماعت ۾ ورهائي ڏي، هو فقير سني سني منائي سائين جن لاءِ رکندو پيو وڃي ، پاڻ فرمايائون ته اسان کي سني منائي نه وٹندي آهي،اهاڙ فقيرن کي ورهائي ڏي پوءِ پاڻ پنهنجي حصي لاءِ جيکا ترن جي تيل ۾ پکل هئي سا کڏي رکيائون،معلوم هجي ته پاڻ جو فرمايائون ته سني منائي اسان کي نه ٿي وٹي، تنهن کري سادي منائي پاڻ لاءِ رکيائون،سو رڳو نفس جي مخالفت ۽ کسر نفسي لاءِ هو ۽ هن لاءِ ته مبتدي مريد ان مان سيکت ونڻ ۽ نفس جي مخالفت کرڻ سکن. کنهن بزرگ فرمايو آهي :

ترابانفس کافر کيش کاری است
بدام آرش که ايں طُرفه شکاری است

يعني: توکي نفس کافر مذهب سان کم پيل آهي جو انهيءِ کي الله تعاليٰ جي اطاعت واري قاهي ۽ قاسائج ! چو ته هي شکار به هک عجب شکار آهي.

ٻئي کنهن بزرگ چيو :

سکندريه پبليکشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

پدر کزمن روانش باد خوشنود
مرا از راه لطف ایں پند فرمود
کہ محکومی سگی بودن دریں راہ
بہ از حکمی کہ راند نفس بدخواہ

يعني: منهنجي پيءَ جو سندس روح شال مون کان رازي هجي مونکي مهرباني فرمائي، هيءَ نصيحت ڏني تہ اي پٽ! هن رستي ۾ انهيءَ ويري نفس جي حڪم هيٺ رهڻ کان ڪنهن ڪتي جو وڃي حڪم مڃين ۽ تابعدار ٿين تہ وري بہ اهو بهتر ٿئي پر جي هن نفس بدخواه جو چيو ورتئي تہ پنهي جهانن کان نابود ڪري ڇڏيندءِ.

نقل26: حافظ اسماعيل هوت نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ درگاه مبارڪ تي اعتڪاف ۾ وينل هئا، تہ اتي کا مائي آئي ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! اڄ اوهان لاءِ ڪهڙي ماني ناهيون؟ پاڻ فرمايائون تہ ساڳ ۽ ڪڻي لسي کائينداسون. پوءِ فرمايائون تہ جيڪو خدا تعالي موڪلينڈو سو کائينداسون ۽ سندن روش مبارڪ هوندي هئي، تہ هميشہ هن آيت مبارڪ تي عمل فرمائيندا هئا:

وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ إِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ أَمْرِهٖ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا (الطلاق : ٣)

ترجمو: جيڪو الله تعالي تي پروسو ڪندو تہ ان لاءِ الله جل شانہ ڪافي آهي بيشڪ الله تعالي پنهنجي ڪم کي توڙ نيائيندو آهي ۽ بيشڪ الله تبارڪ وتعالي سڀ ڪنهن شيءِ لاءِ اندازو مقرر ڪري ڇڏيو آهي.

نقل27: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ اهڙا بہ ڪي خدا جا مرد آهن، جي پنهنجي گهر ۾ هوندا آهن، تہ بہ پنهنجي نفس لاءِ وقتي کاڏو خوراڪ بلڪل نہ گهرندا آهن، پر جي اتفاقا سندن گهر وارن کان کاڏي بابت ڳالهہ وسري ويندي آهي تہ بہ مان ڪيو وتندا آهن ۽ ياد نہ ڏيارينداآهن.

اي عزيز! اها روش سندن پنهنجي جند مبارڪ جي هئي، جا پاڻ ٻين جي تمثيل ۾ بيان فرمايائون.

نقل28: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ظاهري معاش جي اسبابن جا تارڪ تہ گهٽائي لينداپر مرد اهي آهن جي پنهنجي نفس جي سڏن ۽ حرص ۽ خواهشن جو ترڪ ڪري ڇڏن، ڇو تہ اسباب جا تارڪ تہ واٽين جا سامي بہ ٿيندا آهن، پر نفس جي سڏن جا ورتل ٿيندا آهن، تنهن ڪري ترڪ اسباب کو فائدو کو نہ هوندو اٿن.

ترابا نفس کافر کیش کاری است
بدام آرش کہ ایں طرفہ شکاری است

يعني: توکي ڪافر مذهب نفس سان ڪم پيل آهي، سو ان کي ڦاسائي وجهہ تہ اهو شڪار بہ هڪ عجب شڪار آهي.

سكندريه پبليكشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

نقل29: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون سندن حضور پر نور ۾ درگاھ مبارڪ تي حاضرھوس ،ته ھڪڙي شخص ھڪڙي ترار آڻي سندن حضور ۾ رکي ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا!مير سھراب ٽالپر ھن ترار لاءِ مون کي هزار روپيا پي ڏنا، پر ترار مون کونہ ڏني ، هينئر اھا ترار اوھان جي حضور مبارڪ ۾ آڻي حاضر ڪئي اٿم،پيو ڪجھ نہ ٿو گھران پر رڳي اھا تسبيح جا ھٿ مبارڪ ۾ آھي سا مرحمت فرمايو ۽ ترار پنھنجي تصرف ۾ آڻيو. پاڻ ڪيس جواب ته ڪونہ ڏنائون پر نظر ڪٽي نھاريائونس بہ ڪو نہ.

نقل30: ساڳيو خليفو صاحب نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون سفر ۾ سندن خدمت بابرڪت ۾ حاضر هوس ،پوءِ فرمايائون ته ھڪڙي ڏينھن اسان جي دل ۾ خيال آيو ته جيڪر جوئر جي ماني موريءَ سان کائجي پر پوءِ خيال جي متابعت کان مڙي صبر ۾ رهياسون ۽ اندر ۾ چيوسون ته هي خيال جيڪڏھن جمالي هوندو ته پاڻھي واقع ٿي پوندو،پر جي جلالي آھي ته پوءِ ان کان احترام لازم آھي اجان ٿوري دير مس ئي گذري ته ھڪڙو شخص جوار جي مانين جو ٿھو ۽ ڳچ ساريون موريون ڪٽي اچي حاضر ٿيو، پوءِ فرمايائون ته طالب کي پنھنجو خيال سجاڻڻ لازم آھي،پوءِ جي جلالي هجي ته ان کان پاسو ڪري.

نقل31: يعقوب فقير ناهيو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ پاڻ درياءَ پار سفر ۾ ڪنھن فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا، اتي کارڪون ڏاڍيون سنيون ۽ سھانگيون هيون. پوءِ رات جي وقت گل فقير ناهيي کي جو خدمت ۾ پيشڪار هوندو هو،فرمايائون ته صبح جو هتان کارڪون خريد ڪري ٻيڙي پرائي درگاھ ڏي ساڻ ڪنيون هلجانءِ،پوءِ جڏھن صبح ٿيو فقير مٿين عرض ڪيو ته حضرتا! کارڪون وڃي خريد ڪري اچان؟ پاڻ فرمايائون ته رات نفساني خيال آيو،تنھن ڪري ان کي موقوف ڪري ڇڏيوسون ،ان تي عمل نہ ڪرڻ گھرجي.

نقل32: ميڏنو فقير پليجو نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ بيان فرمايائون ته ڪو فقير شخص هو، ان جي گذارن جو وڃ هي هوندو هو ته ڏاڙي سڪيون ڪانيون يا سائو گاھ وڪٽي گذارو ڪندو هو. ھڪڙي ڏينھن سندس دل ۾ خيال آيو ته جيڪر ڪنھن جي ٻني مان سرنھ جو ساڳ موڪلائي پٽي وڃي وڪڻان ته البت ڏاڙي کان وڌيڪ پيدائش ٿي پوندي ۽ تڪليف بہ ٿوري ٿيندي پوءِ ڪنھن شخص کان سوال ڪري سرنھ جو ساڳ ڇني ڪٽي ويو شھر ۾ وڪڻڻ، اتفاقاً ھڪڙي دولت مند سيٺ ماڻھو جي گھر وٽان اچي لانگھائو ٿيو، ان حاويلي ۾ ھڪڙي عورت ماڙي تي ويٺي هئي ،فقير جي سھڻي صورت ۽ عمدي شڪل ڏسي مٿس عاشق ٿي پئي۽ يڪدم ٻانھي کي ڏوڙايائين ته وڃي ان شخص کي ساڳ ونڻ جي ٻھاني سان هيڏي سڏي آڻ ٻانھي پنھنجي سائڻ جي حڪم موجب وڃي ان فقير کي اندر ونڻي آئي ۽ اچڻ مھل حويلي جا دروازا سڀ بند ڪندي پي آئي، جڏھن هو شخص ماڙي تي پھتو ، تڏھن ڏنائين ته ھڪ نهايت حسين خوبصورت عورت ويٺي آھي سندس صورت ڏسندي ئي هي سمجھي ويو ته مونکي ڪھڙي بد ارادي سان هت آندو ويو آھي، انھي فڪر ۾رڪجي ٻيھي رهيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اي نفس! اڄ تو مون سان وڏي بازي کئي آهي، هڪ ته سوال حرام مونکان صادر کرايو اٿئي، ٻيو ته وري ان جي شامت کان هن گمراهي جي ڪڍ ۾ اڇلايو اٿئي! انهي وچ ۾ عورت چيس ته چو حيران ۽ ششدر ٿي ٻينو رهيو آهين اوري اڇ ۽ منهنجي دل جو مطلب پورو ڪر ته توکي جيڪي گهرجي سو آئون ڏيئي ڇڏيانس ائين سمجهه ته اڄ توکي ساري عمر لاءِ سوال جي خواري ۽ مزدوري جي تڪليف کان آزاد ڪري، دولت دنيا سان مالا مال ڪري ڇڏيندس. درويش جواب ڏنس ته نعوذبالله! اهڙو بد ڪم نه عمر ۾ مون ڪيو آهي نه وري هينئر مونکان ٿيندو. اهو جواب ٻڌي عورت ڪاوڙجي وئي ۽ ٻانهي کي حڪم ڏنائين ته وڃي منهنجي وارٿن کي ٻڌاءِ ته هڪڙو ڏاريو ماڻهو هروپرو اندر اسان جي ماڙي تي چڙهي آيو آهي ته پل انهن کي مار ٻه ڪا ڪڍن ۽ طرحين طرحين تعديون ڪري ذليل ۽ خوار خراب ٻه ڪنس. هو ويچارو انهي دڙڪي کان ڊڄي ويو ۽ مصلحت انهي ۾ سمجهائين جو ان فاسقہ عورت جو چيو مڃي. تنهنڪري کيس دلاسو ڏيئي چيائين ته ڪاوڙ نه ڪر آئون حاضر آهيان، پر مون کي صحرا يعني جنهگ وڃ جو خيال آهي ڪا موريز هجي ته آئون دفع ضرورت ڪري تو وٽ موڪلي اڇان ان عورت اتيئي موريز ڏيکاريس هي ڪونرو ڪٽي موريز ۾ لنگهي ويو. اتي وڃي نفس کي چوڻ لڳو ته اي نفس! تو ٻه مونکي وڏي فريب ۽ ڦڪي سان هت اڇي ڦاسايو آهي ته آئون ٻه اڄ توکي سزا طرح هن ماڙي تان هيٺ ٿو اڇلايان ته پل ته پنهنجي ڪئي لوڙڻ لاءِ پرزا پرزا ٿي پؤ، ته وري ٻه دوزخ جي باهه کان ته ڇڏي پوين ڇو ته هي تڪليف هن تڪليف کان سولي اٿئي. ائين چئي ڪٽي پٽ تان مٿان هيٺ ٽپو ڏنائين الله تبارڪ و تعاليٰ جي حڪم سان ڪو وار ونگو ٻه ڪونہ ٿيس، صحت سلامت گناه کان بچڻ تي شڪرانا ادا ڪندو گهر روانو ٿي ويو.

اي عزيز! هي مڙيئي پرهيزگاري جي برڪت ۽ نفس جي مخالفت ڪري پلائي ٿيس جو ڪنهن ٻه عضوي کي ايتري بلندي تان ڪرڻ هوندي ٻه ڪو نقصان ۽ ڏڪ ڪونہ پهتس ۽ گناهن ۽ فسادن مان ٻه صاف سلامت نڪري ويو. تنهنڪري طالب کي ضرور ايتري همت جي قوت ۽ عصمت ڏارڻ ڪپي. جيئن ته الله تبارڪ و تعاليٰ ٻه ان بابت قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو آهي ته:

وَمَنْ يَتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۙ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ (الطلاق : ٢،٣)

ترجمو: جيڪو شخص الله تبارڪ و تعاليٰ جو ڊپ رکندو ۽ سندس جهليل ڪمن کان ٻاهر رهندو ته ان لاءِ الله جل شانہ دنيا ۽ آخرت جي تڪليفن کان نڪرڻ جي ضرور ڪا واهه ڪڍندو ۽ اهڙي هنڌان رزق پهچائيندس جو سندن گمان ۾ئي آيل نه هوندو.

نقل33: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ ٿو چوي ته هيڪر آئون درگاهه مبارڪ تي سندن خدمت مبارڪ ۾ حاضر هوس پوءِ پاڻ مونکان پڇيائون ته هينئر سير ڪندو آهين يا نه؟مون عرض ڪيو ته هينئر اهڙي جمعيت حاصل ٿي پئي آهي جو سير لاءِ دل ئي ڪانہ ٿي ڪڍي. پاڻ فرمايائون ته طالب کي ڪپي ته جڏهن سندس نفس آرام جي خواهش ڪري ته ان وقت سير ڪرائيس ۽ جيڪڏهن سير ڪرڻ لاءِ تانگهي ته

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پنهنجي جاءِ تي ويهي رهي، مڙوئي نفس جي مخالفت ضرور ڪرڻ گهرجيس سندن انهي فرمودي مبارڪ مان معلوم ٿئي ٿو ته هميشہ نفس جي مخالفت لازم آهي. پر جيڪڏهن سير تي نڪرجي ته بہ خدا جي خلق کي فائدي پهچائڻ لاءِ اهوئي سبب آهي جو سندن دل مبارڪ بہ سير سان گهٽي هوندي هئي چو ته ان ڪري خدا جي خلق کي فائدو ۽ نفعو پهچائيندا هئا.

نقل34: جامع ملفوظات ﷺ ٿو چوي ته هيڪر درگاهہ مبارڪ تي خدمت سڳوري ۾ حاضر هوس ته هڪڙي شخص کين ۽ مون مسڪين کي بہ دعوت اچي ڪئي. پاڻ صاحب دعوت جي گهر تشريف فرما ٿيا. آئون بہ خدمت مبارڪ ۾ ساڻ هوس. جڏهن صاحبِ دعوت طعام آڻي حاضر ڪيو، تڏهن پاڻ اتان ٿورڙو قدر کائي هٿ کڻي ڪڍيائون. مون ۽ ٻين فقيرن پنهنجي خواهش مطابق کائي ڏؤ ڪيو. جڏهن سڀئي کائي واندا ٿياسون تڏهن پاڻ دعا لاءِ هٿ کيائون ۽ دعا گهري موڻي جاءِ ڏانهن اسريا، واڻ تي مون خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! دعوت جو حق آهي ته ڏؤ ڪري کائجي پوءِ توهان جي ٿورڙي کائڻ جي ڪهڙي حڪمت آهي؟ پاڻ فرمايائون ته اسين پهريائين پنهنجي گهران کائي نڪتا هئاسون تہ دعوت جو کاڏو رڳو نفس لاءِ نہ ٿي پوي بلڪ خاص خدا لڳ هجي.

اي عزيز! دل جي هوش سان سمجهي ڇڏ ته اهلُ اللهِ ڪهڙا نہ هوشيار آهن. جو ڪوبہ ڪم ڪن ٿا ته اهو نفس جي برخلاف خاص خدا لڳ ٿا ڪن ڪنهن بزرگ بلڪل چگو چيو آهي:

نفس بد را کش و دل را زنده کن
خواجه را کشت ست و را بند کن

يعني: انهي نفس قاتل کي جو دل وارو سردار ماري وڏو اٿس، قصاص ۾ قيد ڪري قتل ڪري ڇڏ ۽ پنهنجي دل واري مراد کي جيئرو ڪر.

نقل35: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ ڪنهن سفر تان درگاهہ مبارڪ تي موٽيا هئا، ان ڏينهن عرس واري مهيني جو پويون ڏينهن هو. ڳوٺ جي ماڻهن عرس مبارڪ جون تمام گهٽيون دعوتون ڪيون هيون پاڻ سڀ ڪنهن جي دعوت تي تشريف فرما پي ٿيا. مولوي عبدالله بہ خدمت مبارڪ ۾ ساڻ هو سو بہ ڪن دعوتون وڃڻ کانپوءِ چوڻ لڳو ته حضرتا! هينئر مون کائي اهڙو ڏؤ ڪيو آهي جو وڌيڪ کائڻ جي طاقت کانہ اٿم. پاڻ فرمايائونس ته هن کان اڳ جيڪي کاڏو اٿؤ سو رڳو نفس جي لاءِ هو، باقي هينئر جيڪي کائيندو سو خدا لڳ چئبو.

نقل36: سيد اول شاهہ نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ ٽنڊي سائينداد ٽالپر جي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ خليفو محمود (جامع ملفوظات ﷺ) بہ حضور ۾ حاضر هو، آئون بہ سندن خدمت ۾ متيءَ تي وينو هوس پوءِ خليفي محمود ﷺ چيو ته سيد اول شاهہ بہ هينئر مشائخي کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. کين اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي ۽ نقل بيان فرمايائون ته ڪو بزرگ گپ مان پير وجهندو پنڌ ڪندو پي آيو ۽ سندس مريد ان بزرگ جي پويان ٽپا ڏيندو پي آيو. ۽ پنهنجا پير متيءَ ۾ پرڻ نہ پيو ڏئي. بلڪ گپ کان

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بچائيندو سگي تي رکندو پي آيو.بزرگ کي مريد جو اهو حال ناپسند آيو ۽ هي بيت سندس حال مناسب فرمايائين.

دل نگهدار اي مغفل دل
چند داري نگاه جامه زگل

يعني: اي دل کان غافل ٿيل شخص! پنهنجي دل جي حفاظت کر ،باقي مٽيءَ ۾ پرجڻ کان کپڙن جي حفاظت کيستائين کندو رهندين؟

نقل37: هيکر پاڻ مريدن جي دعوتن ونڻ لاءِ قلات جي ملک ڏانهن تشريف فرما ٿيا هئا. پوءِ جڏهن سيني جي دعوت جي اجابت جو حق ڪري ادا اسقلکو ديهه ۾ اچي وارد ٿيا جا پڻ قلات جي ديهن مان هڪڙي ديهه آهي،پوءِ اتي جماعت کان توڙي شهر جي رهاڪن کان وات بابت صلاح پڇيائون ته ڪهڙي رستي کان وري موٽي گندا واهه وڃڻ گهرجي. سيني عرض ڪيو ته حضرتا! ٻيا سڀ رستا سنهنجا آهن باقي ڪرڪ واري وات تمام سخت ۽ ڏکي آهي. پاڻ فرمايائون ته اسين پڻ انهي ڏکي وات سان ويندا سون. ڇو ته حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي به روش مبارڪ اها هوندي هئي ته جنهن رستي سان ڏکيائي هوندي هئي انهي سان تشريف فرما ٿيندا هئا. پوءِ جڏهن گندا واهه ڳوٺ کان شاديهر جي ديهه ڏانهن موٽيا تڏهن وات تي هڪڙي ڪشادي پٽ ۾ اڳئين نماز ادا فرمايائون. اتي ٽاڪو نالي بروهي جو بلڪل ديوانو هو سو قلات جي طرف ڏانهن منهن ڪري پوندا ڏيڻ لڳو. پاڻ فقير کان پڇيائون ته هي ڇا ٿو ڪري؟ سموري جماعت حيرت ۽ فڪر ۾ چپ ٿي ويا. ڪنهن کي به ان جو سبب معلوم نه ٿيو. پاڻ فرمايائون ته ڪرڪ جي رستي کان تڪليف ۽ ايذاءُ پهتو اٿس تڏهن ان طرف پوندا ٿو ڏيئي پوءِ سيئي سمجهي ويا.

نقل38: سيد اول شاهه نقل ڪري ٿو ته هيکر پاڻ هڪڙي هنڌان سوار ٿيا پي آيا. وات تي ڍڳين جو وڳ پي آيو سو گهوڙن کي ڏسي اچي ٽنو، جنهنکري ونڊي رئي ۽ دز ڪڙي ٿي. پاڻ مون ڏانهن نهاري فرمايائون ته هي ڪهڙو سبب آهي جو دز کان بچان ٿي لڳي؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا! اوهين ٻڌايو پاڻ فرمايائون ته هي بچان به نفس جي انانيت يعني خودي ۽ هٺ جي ڪري آهي.

نقل39:خليفو ميان اميد نقل ڪري ٿو ته هيکر آئون ڪنهن سفر ۾ سندن سواري سان گڏ هم رڪاب هوس ۽ ٻين فقيرن جي جماعت به گهٽي ساڻ هئي. وات تي سندن نظر مبارڪ هڪڙي فقير تي پئجي وئي ،جنهن ڪجهه ماني ڪپڙي ۾ ٻڌي پنيءَ پويان ڪنيو پي آيو. پاڻ سندس ماني واري گنڊ تي هٿ مبارڪ هٽي فرمايائونس ته تو پنهنجي خدا کي ڳنڍ ۾ سو گهو ڪري پنيءَ پويان ٻڌي ڇڏيو آهي.

اي عزيز! پاڻ هن آيت مبارڪ ڏانهن اشارو فرمايائون:

اَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ (الفرقان:۴۳)

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ترجمو: گمراھ شخص کي ڏنئي؟ جنھن پنھنجي نفساني سڌ کي پنھنجو الله ڪري ورتو آھي.

نقل40: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ ٿو چوي تہ ابتدا حالت جي وقتن ۾ منھنجي عادت ھوندي ھئي تہ سفر ۾ جيڪي فقير يا دولت مند دعوتن وارا حضرت مرشد مڪرم قدس سرہ لاءِ عمدا طعام تيار ڪرائيندا ھئا. تن مان آئون بلڪل ڪونہ ڪائيندو ھوس.۾ ٻين وڏ ماڻھپي وارن ڪمن ۾ شين کان بہ طبيعت کي نفرت ھوندي ھئي پوءِ ھيڪر قلات جي سفر ۾ پاڻ سعيد خان بروھي وينل ڪوتري واقع ويجھو گندا واھ جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا. انھي حضرت مرشد مڪرم لاءِ عمدا عمدا ۾ ڪئين قسم طعام تيار ڪرايا ھئا ۾ فقيرن لاءِ چانورن جو پلاءُ، دنبن (گھٽن) جي گوشت ۾ تيار ڪرايو ھئائين. اتي مون غازي خان فقير کي جو سفر ۾ مون سان رفيق ھو چيو تہ جيڪڏھن ھڪ گرھ بہ ان عمدي طعام مان ڪاڏوسون تہ سمجھ تہ خدا تعاليٰ جي طلب واري وات کان روڪجي ويندا سون. پوءِ پاڻ ان ڏينھن اسان کي بہ ٽي ڀيرا سڏيائون تہ اچي اسان سان گڏجي کائو.پر اسان بلڪل پاسو ڪري عام فقيرن سان گڏجي طعام کاڏوسون.

نقل41: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ ٿو چوي تہ ھيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ طلب کي شروعات ۾ خيال ۾ خطرا ڏاڍا دل تي وارد ٿيندا آھن ۾ شيطاني خيال ۾ وسوسا غلبو ڪندا آھن پر جيڪڏھن طالب انھن کي نفي ڪندو تہ جلد نفي ٿي ويندا ۾ وري موٽي نہ ايندا.

جيئن قرآن شريف ۾ وارد ٿيل آھي.

اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطٰنِ كَانَ ضَعِيْفًا (النساء :٧٦)

ترجمو: بيشڪ شيطان جون رڙون ۾ مڪر ڪل ضعيف آھن .

نفساني خيال بہ ٻن قسمن تي آھن ھڪڙا اھي آھن جي نفي سان گم نہ ٿا ٿي سگھن، جيستائين ڪ مولا ڪريم جل شانہ جي طرفان مددگاري جي مھرباني نہ ٿيس. ٻيو قسم حديث نفس آھي جو انسان جي دل کي پنھنجن ڳالھين ۾ مشغول ڪري ٿو ڇڏي ۾ دل سندس ڳالھين ۾ اھڙي ريجھي ٽي وڃي جھڙي ڪا الله تبارک و تعاليٰ جي ذڪر ۾ ۾ اھا پروڙ دل جي بصيرت واري کان سواءِ ٻي کي اھنجي پوندي.

نقل42: ھيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ ھڪڙي وقت مجنون جو ليلان تي عاشق ھوندو ھو تنھن ھڪڙي جت کان اٺ اچي گھريو تہ ان تي چڙھي ليلان ڏانھن ويندس، جت کيس ھڪڙي ڏاڇي سواري لاءِ ڪاھي ڏني، جنھن کي ننڍڙو گورڙو پوئتان ھو، پر سندس انھي گورڙي کي جت پاڻ وٽ ٻڌي بيھاريو ۾ ڏاڇي مجني کي ڏنائين مجنون ان تي چڙھي روانو ٿيو، ڇڇ پنڌ ڪري اڳتي ويو تہ عشق جي سڪر ۾ محبت جي نشي اھڙو مدھوش ڪري ڇڏيس جو ڏاڇي جي واڳ جي ڪابہ سڌ ڪانہ رھيس، ڏاڇي جو اتان کيس سو سڏو پنھنجي گورڙي وٽ آڻي ڪيڀائينس، اتي ڪجھ ھوشياري ٿيس اک پٽي نھاريائين تہ مارآئون ساڳي ھنڌ ٻينو آھيان وري ڏاڇي کي ڪاھي اٿي ھڪليائين پر وات تي وري بہ ساڳي خيال ۾ اھڙو تہ مستغرق ٿي ويو جو ڏاڇي وري بہ پنھنجي گورڙي وٽ موٽي آئي ۾ کيس ڪا

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

خبر کانہ رهي نيٺ ايئن کيترا ڀيرا پي هر هر پنڌ کيائين ۽ ويو موٽيو .مجني کي محبت جو استغراق نہ پيو ڇڏي جو ڏاڇي کي خبردار ٿي هڪلي ۽ ڏاڇي کي پنهنجي گورڙي جي ڇڪ اڇتي وڌڻ کانہ پئي ڏئي.

پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جيڪي شخص اهل الله جي خوش گذران ۽ وڃ معاش جي آسودگي، جا کين بنا کوشش ۽ طلب جي حاصل ٿئي ٿي ڏسي طلب خدا جي ۾ کوشش ٿا ونڻ،تن جو مثال بہ انهي مجني واري ڏاڇيءَ جهڙو آهي جا پنهنجي گورڙي تي ڦري ڦري موٽي پئي آئي. اهڙي طرح اهو آسودگي وارو نفساني خيال بہ انهي گورڙي وانگر انهي ڏاڇي کي اڇتي وک ڏائڻ هرگز نہ ڏيندو بلڪ ڇڪيون پيو پوئتي آڻيندس.

نقل43: عبدالله فقير نقل کري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ کو فقير هو ،تنهن جي روش هن ريت هوندي هئي تہ جڏهن سندس اڇيان کاڌي لاءِ طعام اڇي حاضر ٿيندو هو تڏهن پنهنجي نفس کي چوندو هو تہ هي مڙوئي طعام کائي ويندين. کجهہ تہ الله تبارک و تعاليٰ جي لاءِ بہ تہ ان ۾ حصو آهي سو کڊي خيرات ڏيان پوءِ اتان اڏ کڊي جدا رکندو هو تہ هي خاص خداوند تعاليٰ جي لاءِ آهي، پوءِ وري نفس کي چوندوتہ اي نفس! هي حصو تہ الله سائين جي نالي جو آهي پر تون پنهنجي حصي مان تہ کجهہ ڏي پوءِ باقي بہ اڏ کڊي الله سائين جي نالي ڏيندو هو، باقي چوٿون حصو سو پاڻ کائيندو هو.

اي عزيز! اهو مثال ٻين جي بيان ۾ پنهنجي ذات مبارک جو ظاهر فرمايو هئائون جو طعام جي حاضر ٿيڻ مهل جو هوندو بہ ٿورڙو قدر هو تنهن ۾ سڀني صاحبزادن سڳورن ننڍڙن کي جي اڏکل پنجٽيہ کن هئا گهرائي پاڻ گڏ کارائيندا هئا.

نقل44: فقير صديق راهوکڙو نقل ٿو کري تہ هيڪر آڻون سياري جي مند ۾ درگاهہ مبارک تي حاضر هوس، فقيرن کي اوڍڻ پور نہ هئڻ سبب البت ٿڏ جي تکليف هوندي هئي، هڪڙي رات تہ سخت پارو پيو ،تڏهن صبح جو عالي فقير مجذوب فقيرن جي اجازت کان سواءِ پاڻهي خدمت مبارک ۾ عرض کرڻ لڳو تہ حضرتا! جيڪي اُن جا ٽپڙ بروهين خدمت سڳوري ۾ نڌارانو آندا آهن، تن مان هڪڙو ٽپڙ فقيرن کي مهرباني کري مرحمت فرمايو تہ کجهہ سردي کان بچاءُ ٿيئن. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ادا جن کي سيءُ لڳي سي وڃ پنهنجون ٻنيون آباد ڪن، اسين کونہ ڏيندا سون.

اي عزيز! اتي متان کنهن سادي ماڻهون کي کو دل ۾ کٽکو پوي تہ پاڻ ڇا لاءِ فقيرن کي ٽپڙ عنايت نہ فرمايائون؟ ان جو سبب هي آهي تہ کامل مرشد مربي، مبتدي طالبن کي نفس جي مرادن پوري کرڻ ۽ آرام ونڻ کان روکي ڇڏيندا آهن ۽ کوشش کندا آهن تہ طالب کي نفس جي مخالفت کرڻ جي عادت ٿي وڃي، انهي کري پاڻ سڏن ۽ نفس جي خيال جي مخالفت سيکارڻ لاءِ کين ٽپڙ نہ ڏنائون ۽ سمجهيائون تہ نفس جون مرادون پوريون کرڻ طالبن سچن جو طريقو نہ آهي.

جي اهو خيال نہ هجين ها تہ ٽپڙ تہ ڇا آهن پر پاڻ انهي کان اڳ هزارين روپيا هڪڙي ساعت ۾

سائل کي عطا فرمائي پي ڇڏيا اٿن ۽ درياءَ وانگر سخاوت جو ويرون وهائي ڇڏيو اٿن. پر جڏهن ته هي فقير خاص خدا تعاليٰ جي طلب لاءِ گهر تڙ مال ملڪيتون ڇڏي ڪري آيا هئا ۽ ٿڌ جي سختي ڏسي وري دنياوي سڏن ڏانهن لاڙو ڪري رهيا هئا، تن جي حق ۾ فرمايائون ته جن کي وري ساڳيون نفساني سڏون وارد ٿين ته اهي پل وري وڃي دنياوي ڪمڪار ۾ مشغول ٿين.

مولانا رومي قدس سره فرمايو آهي ته:

گر کنی یک آرزوئے خود تمام
از توصد ابلیس زاید والسلام

يعني: جيڪڏهن پنهنجي نفس جي رڳي هڪڙي سڌ پوري ڪندين ته تومان سو ابليس پيدا ٿي پوندا.

نقل45: ماڻڪ فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جو سفر ڪندي ديهه ڪڙيئي جي ۾ نزول فيض شمول فرمايو هئائون پوءِ اتان رستي تان پئي آيا ته هڪڙي شخص فقيرن مان بلند آواز سان عرض ڪيو ته حضرتا! اڄ ٿيون ڏينهن آهي. جو هن مسڪين طعام خاص اڪين سان به ڪونہ ڏنو آهي ۽ نہ وري ڪجهہ ڪاڏو پيتو ئي اٿم. پاڻ جواب ۾ فرمايائونس ته اي ادا! جن خاص ڪاڏي لاءِ انتظار ڪڍيا سي وڏي هلاڪي ۾ پيا.

نقل46: خلفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري ته هيڪر پاڻ مونکي خطاب ڪري فرمايائون ته اي خليفا! هڪڙي ڏينهن فقير هڪڙي کي وجد پيو ۽ بي خبر ٿي پاڻ کي اسان جي جسم تي اڇي هنيائين. جيئن ته سندس مٿان ٿي اڇي ڪرڙ جي صدمي کان ٻئي ستڙون ڏکوئجي پيون ،پوءِ دل ۾ خيال گذريو سالڪ کي جنهن وقت عالم صورت ڏانهن رجوع ٿيندو ته خلق ۾ وجد ۽ شور اڇي منهن ڏيندو آهي، پر جي عالم معنيٰ رجوع ڪندو ته خلق به جميعت ۽رهندي تنهن ڪري هن وقت عالم معنيٰ ڏانهن رجوع ڪجي ته فقير کي وجد کان افاقو حاصل ٿئي. پر وري انهي خيال اڇڻ شرط معلوم ٿي ويو ته اهو نفس جو خيال هو. تنهنڪري جنهن حال ۾ هئاسون وينا رهياسون ۽ اهو فقير به پاڻهي هوش ۾ اچي ويو.

نقل47: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري ته هيڪر سندن خدمت بابرڪت ۾ وينا هئاسون، اتي پاڻ نقل بيان فرمايائون ته ڪوگدڙ هو تنهن هڪڙي هنڌ ڏنو ته ڍڳو هڪڙو گپ ۾ گنو ٻيٺو آهي. اتان وڃي هڪڙي شينهن سان ملاقي ٿيو ۽ ادب بجاءِ آڻي عرض ڪيائينس ته اي جانورن جا سردار! تون ته پنهنجا ڏينهن سک سان پيو گذارين، پر اسان غريب بکن ۾ پيا پاهہ ٿيون ،جيڪڏهن ڪنهن وقت توهانجي همت سان اسان مسڪينن کي به ڪو گذران پيو ٿيئي ته واهہ ڀلائي. شينهن چيس ته اي گدڙ! ڪٿهين ڪو شڪار ڳچ سارو جاچي اچي اطلاع ڪر ته جيئن مون لاءِ توڙي تولاءِ پورت ٿي وڃي ته پوءِ توکي به ڏؤ ڏيان ۽ آئون به چڙهہ ڪيان. گدڙ ته ڍڳي کي هٿ ڪري آيو هو سو شينهن کي ونڻي اچي ڍڳو ڏيکاريائين ته اجهو اهڙو متارو شڪار موجود آهي وارو ڪر. شينهن چيس ته اي يار! هي ڍڳو ته گپ ۾ پيو آهي اتي ان کي ڪيئن شڪار ڪريان؟ گدڙ چيس ته هيئن ڪر جو ٿپو ڏيئي وڃي

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڏاند جي پني تي پئو اتي پاڻ کائي ڏوءُ ڪري وري ٽپو ڏيئي هيڏانهن هليو اچ ۽ جيڪي ڪٽي سگهين سو به ڪٽي اچ باقي جيڪا اوبر بچي رهندي سا مون لاءِ پيئي هجي آئون پاڻهين اتان ڪٽي کائيندس. شينهن گدڙ جي صلاح موجب ونِي اتان ٽپو ڏنو پر سندس قسمت، جو ڏاند جي پني کان اڳيرو وڃي گپ ۾ لٿو ۽ ستڙن تائين اندر گپجي ويو، چرڙ پرڙ جي طاقت کانه رهيس. تڏهن گدڙ کي چيائين ته اڙي گدڙ هينئر ته وڏي خواري ٿي پئي. گدڙ چيس ته هينئر خواري ڪٿي آهي، اڃان ته عافيت آهي، خواري تڏهن ٿيندي جڏهن انهي ڊڳي جا مالڪ سوٽا ڪٽي اچي منهن ڪيندا.

پاڻ فرمايائون ته گدڙ مان مراد آهي نفس ۽ شينهن مان مقصود آهي طالب مقلد. جو نفساني سڏن کان اڃان بلڪل آزاد نه ٿيو آهي ۽ ڊڳي جي مثال اهل دنيا جا آهن جيئن ته وارد ٿيل آهي:

أُولٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ (الاعراف : ۱۷۹)

ترجمو: اهي جانورن جهڙا ڳڻ ، بلڪ اڃان به وڌيڪ گمراهه آهن.

پوءِ اهو گدڙ بدڪردار پهريان ته اهڙن مقلد طالب کي مڪرن ۽ حيلن حوالن سان اچي ٿو دنيا جي گپ ۾ ڦاسائي پوءِ جڏهن ڦاسي ٿو رهي تڏهن دل گهريس ٿي ته جيڪر باهر نڪران پر دنيا جا تعلقات چڪ واڱر اهڙو سوگهو ڪري ونندس جو نڪري نه سگهندو، پوءِ ان وقت نفس متس چڙون ڪري ٿو چويس تو ته هينئر ته اڃان خوش آهين پر پر خبر پاڻهي تڏهن پوندءِ جڏهن قيامت جو هيبتناڪ ڏينهن اکين اڳيان ڏسندين.

نقل48: مخدوم سعدالله رهندڙ ديهه شادي جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته طالب کي گهرجي ته جيڪو به ڪو چگو عمل ڪنانس صادر ٿئي ته ائين سمجهي ته مون کان اهو ڪم بجاءِ نه ٿي سگهيو، پوءِ وري ٻيهر انهي چگي ڪم جو دلي طرح سعيو اٿي ڪري. اهڙي طرح پاڻ ٿي پيرا موٽائي موٽائي اهي لفظ فرمايائون ته ٿي پيرا ان ڪم نيڪ کي موٽائي ڪري ۽ پنهنجي نفس کي ساڳي تهمت رکندو اچي ته اهو ڪم ڪيو ئي کين پر جي ڪيئي ته نه ڪرڙ جهڙو.

اي عزيز! جيڪڏهن پنهنجي نفس کي اها تهمت نه رکندو. بلڪ اهو ڪم نفس جي حوالي ۾ رکندو ته هو دشمن ته اصل خيانتي آهي. سو وري هڻ ،۽ وڏائي ۽ خود بيني سان انهي عمل کي برباد ڪري ڇڏيندو ۽ انهيءَ ڪري ضرور وڏيءَ هلاڪيءَ ۾ وڃي پوندو.

نقل49: سيد خليفو نالي منور رهندڙ ديهه کوڏي واقع وانگن جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جو سفر ڪندي ديهه ڪڙيي ۾ تشريف فرما ٿيا. اتي پاڻ نفس جي امارائي بابت وعظ طور بيان پي فرمايائون. صلاح نالي هڪڙو مست جو ڪڇ جي سفر مان نئون پهتو هو، تنهن عرض ڪيو ته حضرتا! هيترا ڏينهن جو مون ڪڇ جي ملڪ ۾ گذاريا ته ڪڏهن نفس جون بچڙايون ته ڇڏيو پر سندس نالو ئي ڪونه ٻڌم. هينئر جو حضور ۾ آيو آهيان ته نفس جون بچڙايون ۽ شيطان جي سڻ ٻڌي رهيو آهيان. پاڻ جواب ۾ فرمايائونس ته ان ملڪ جا سمورا ماڻهو انڌا نابين آهن جو نفس شيطان کي ڏسي ئي ڪونه ٿا

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سگھن. پوءِ سندن پڇا وري ڪھڙي ؟تون بہ نفس جو گرفتار ٿي انڌوٿي پيو آھي.

باب پنجون

هن ۾ پنج فصل آهن:

فصل پهريون
ويساهه جي سچائي بابت

نقل 1: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته پاڻ وعظ ۽ نصيحت ۾ تمام عجيب عجيب اسرار گوهر بار ظاهر فرمائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ميان قابل شاهه رحمۃ اللہ علیہ گفتگو هلندي سائين جن کي جواب ڏيڻ ۽ ڪلام ڪرڻ جي جرات ڪري ويهندو هو،ان تي پاڻ البت رنج ٿي پوندا هئا ۽ ميان قابل شاهه جي ڪلام در ڪلام کي ناپسند رکندا هئا. پوءِ هيڪر آئون سندن خدمت سگوريءَ ۾ خلوت منجهه حاضر هوس، اتي تمام گهٽا گفتگا وچ ۾ هليا، انهن ڳالهين هلندي مون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض گذاريو ته حضرتا! ميان قابل شاهه هڪڙي ڏينهن مون سان ظاهر ڪيو ته آئون ڪڏهن ڪڏهن سائين جن جي حضور ۾ بي ادبي ڪري وچ ۾ جواب ڏئي وجهندو آهيان ۽ انهيءَ ڪري پوءِ پشيمان ۽ شرمسار ڏاڍو ٿيندو آهيان، ۽ الله سبحانه و تعاليٰ جي درگاهه مبارڪ ۾ پنهنجي گستاخي ۽ بي ادبي لاءِ روئي عذر ۽ معافي گهرندو آهيان. پاڻ ڳالهه ٻڌڻ ڪري ڏاڍو راضي ٿيا ۽ فرمايائون ته بي ادبي جيڪڏهن دلي هجي ها ته فيض جو اثر هيترو باقي نه بچي ها. پوءِ پاڻ ٻه نقل هڪڙا زبان مبارڪ سان بيان فرمايائون. هڪڙو هي ته ڪو ڏمڻ نالي ميبر بحر شخص هو (جيڪو بعد ۾ پير ڏمڻ جي نالي سان مشهور ٿيو) سو ڪنهن ڪم ڪار سان هڪڙي شهر ۾ ويو. اتي مسجد ۾ وعظ پي ٿيو، هي به ان وعظ ۾ وڃي وينو، ان وقت واعظيءَ ، الله تبارڪ و تعاليٰ جي وڏائي ۽ عظمت جو بيان پي ڪيو، سو هن غور سان ويهي ٻڌو ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن اهو ميربحر مڃيءَ جي شڪار لاءِ پي ويو ته وات تي هڪڙو اٺ ڏٺائين جو وٽن ۾ پي چنو ۽ ٽاريون وات سان پٽيون رهڙيون کايون پي ويو، ميبر بحر جو ڪڏهن به اٺ نه ڏٺو هو سو هي حال ڏسي يڪدم وڃي گهر ڏانهن پڳو ۽ گهر اچي زال کي چيائين ته مون اڄ پنهنجي خدا تعاليٰ کي ڏٺو ته بک کان وٽن کي پيو چري، تنهنڪري تون يڪدم اٺ ، ماني ۽ مڃيءَ جو ٻوڙ تيار ڪري وٺ ته هلي پنهنجي خدا تعاليٰ کي کارايون، پوءِ جلد جلد ٻوڙ ماني تيار ڪرائي ڪٽي اٽي هليو اٺ کي کارائڻ ، جڏهن اٺ جي ويجهو آيو ۽ ارادو ڪيائين ته ڪيس کارايان تڏهن اٺ جو اصلي ٽاهڙ هو وڃي اتان پڳو، ويچارو ميربحر پويان ايلاز منٽون ڪندو ڊوڙندو پيو وڃي، پر اٺ ته جيئن ماڻهو کي پيو ڏسي تيئن پيو پڃي، هو غريب نا اميد ۽ ڏکارو ٿي دل ۾ چوڻ لڳو ته افسوس الائي ڇو رب تعاليٰ اسان جي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ماني نٿو قبول ڪري، انهيءَ حال ۾ سندس پير ترڪي پيو ۽ مٿان اچي ڪريو. ڪرڙ شرط سندس دل جا پردا ڦاٽي پيا ۽ حجاب وچان نڪري ويو ۽ هو ذات پاڪ سان واصل ٿي ويو.

پيو نقل هي بيان فرمايائون تہ ڪو بادشاهہ وڏي شوڪت ۽ طاقت وارو هو ، تنهن کي دل ۾ طلب رهندي هئي تہ جيڪر ولي ڪامل ملي وڃي تہ هوند ان کان اللہ تبارڪ وتعاليٰ جي وات پڇي حق شناس ٿي ان رستي ۾ مشغول ٿجي، پر سندس دل ۾ هي خيال وينڊ هوندو هو تہ ولي ڪامل شهرن ۽ ڳوٺن ۾ نہ هوندا آهن بلڪ جهنگن ، جبلن ۽ برن ۾ رهندا آهن. پوءِ هڪڙي ڏينهن اهو بادشاهہ لشڪر سميت شڪار لاءِ هڪڙي طرف کان گهمندو پي ويو تہ اوچتو ئي بادشاهہ جي پاسي کان ڪو جانور ظاهر ٿي وڃي پڳو. بادشاهہ پويان ڪٽي گهوڙو ڦٽي ڪيس ، تان تہ هڪڙي خوفناڪ بر ۾ اچي پهتو. اتي ڏسي تہ هڪڙو اڪيلو شخص مراقبو ڪيو وينو آهي، بادشاهہ سمجهيو تہ هيءُ جو اهڙي خوفائتي برپٽ ۾ اڪيلو مراقبو ڪيو وينو آهي، سو ضرور ڪو وڏو ولي ڪامل آهي، حالانڪ هو تہ هڪڙو نامي گرامي چور هو، جو چوريءَ جو مال ڪنيون انهيءَ بيابان مان پڳو پي ويو، تنهن جو بادشاهہ کي ڏٺو تہ ڪو گهوڙي سوار منهنجي پويان اچي ٿو سو ڏنو تہ شايد مال جو مالڪ ٿو اچي پوءِ چوريءَ جو مال پاسي سان رکي پاڻ مراقبو ڪري ويهي رهيو. پر بادشاهہ کي ڏٺائين تہ هو هن کي ڏسڻ شرط گهوڙو آهستي ڪري ڏانهس اچڻ لڳو. تنهن مان سمجهيائين تہ هي مال جو مالڪ نہ آهي، جي پاڳيو هجي ها تہ البت يڪدم حملو ڪري اچي ها! آخر بادشاهہ سندس پرسان اچي گهوڙي تان لهي پيو، گهوڙو اتي ٻڌي پاڻ وڏي ادب سان گوڏا ڀڃي ويهي رهيو ۽ ان چور جي خدمت ۾عرض ڪيائين تہ حضرتا! مونکي اللہ تبارڪ وتعاليٰ جي وات جي تلقين فرمايو. چور چيس تہ پنهنجا هٿيار ۽ ڪمربند جسي تان لاهي ڇڏ ، بادشاهہ حڪم موجب هٿيار ۽ ڪمر بند لاهي ويهي رهيو. تڏهن چور چا ڪيو جو بادشاهہ جي چوڌاري ليکو ڪڍي حڪم ڪيائينس تہ هتان ٻاهر متان نڪرين! آئون ٽن ڏينهن کان پوءِ هت اچي توکي تلقين ڪندس. بادشاهہ جو تہ ويساهہ پورو پورو جمي ويو هو، سو محڪم اعتقاد سان دائري ۾ ويهي رهيو ۽ چور بادشاهہ جا هٿيار ڪپڑا ڪٽي سندس گهوڙي تي چڙهي هڪڙي پاسي روانو ٿي ويو. بادشاهہ سچي نيت ڪيون ، انهيءَ ليکي اندر وينو رهيو، تان تہ ٽي ڏينهن اچي پورا ٿيا، تڏهن بادشاهہ جي سچي طلب جي ڪري اللہ تبارڪ وتعاليٰ ، حضرت خضر عليہ السلام کي حڪم فرمايو تہ تون وڃ فلاڻي برپٽ ۾ اسان جو هڪڙو سچو طالب وينو اٿئي، جنهن کي چور نڳي ڪري بر ۾ ليکو ڪڍي دائري ۾ ويهاري ويو آهي، سو ان کي وڃي تون تلقين ڪر! حضرت خضر عليہ السلام حڪم موجب انهيءَ بر ۾ بادشاهہ وٽ آيو ۽ اچي سلام ڏنائينس ۽ چيائينس تہ اللہ تبارڪ وتعاليٰ مونکي تنهنجي تلقين لاءِ موڪليو آهي، بادشاهہ سندس شڪل کي چتائي ڏنو ۽ چيائينس تہ تون منهنجو مرشد ناهين. جڏهن منهنجو مرشد ايندو تڏهن اهو پاڻهي مونکي تلقين ڪندو توکان تلقين ڪونہ وٺندس. حضرت خضر عليٰ نبينا وعليہ السلام فرمايس تہ اهو هڪڙو چور هو، جو توکي ڏوکو

ڏئي توکان کپڻا ۽ هٿيار ڦري ويو آهي، آئون خضر نبي آهيان جو الله تعاليٰ تنهنجي سچيءَ طلب جي ڪري مون کي توڏانهن موڪليو آهي، ته توکي ارشاد ڪريان، پر بادشاهه هرگز قبول نه ڪيو ۽ چيائين ته جيڪڏهن منهنجو مرشد چور آهي ته به ايڏو ته مرتبو اٿس جو انهيءَ جي ئي سببان توکي الله تبارڪ وتعاليٰ مون ڏانهن موڪليو آهي. هينئر جيڪڏهن هو چگو آهي يا بچڙو پر منهنجو مرشد اهو آهي، توسان منهنجو ڪو ڪم ڪونهي! پوءِ حضرت خضر عليه السلام موتي الله تعاليٰ جي درگاهه ڏي رجوع ڪيو ۽ عرض ڪيائين ته يارب العالمين! بادشاهه پنهنجي چور مرشد کان سواءِ ٻي جي تلقين قبول ئي نٿو ڪري. تڏهن درگاهه مان حڪم پهتس ته اي خضر! وڃ انهيءَ چور کي جو فلاڻي هنڌ چيلهه سان رسو ٻڌيون ڪنهن ڍڳي ٻڌڻ لاءِ چوري تي پيو وڃي، سو ان کي اتي وڃي اهڙو اشارو ڪرينس جو ڪامل ۽ صاحب ارشاد جو ٻڌجي وڃي. پوءِ هو پاڻهي اچي بادشاهه کي تلقين ڪندو. حضرت خضر عليه السلام اتان الله تعاليٰ جي حڪم موجب اچي چور کي انهيءَ هنڌ پهتو ۽ کيس تلقين ڪيائين جنهن ڪري هو ولي ڪامل ۽ صاحب ارشاد ٻڌجي ويو،سو وري اتان جو هليو سو اچي بادشاهه کي تلقين ڪيائين، جو بادشاهه کي به واصل بالله ڪري ڇڏيائين.

پوءِ پاڻ فرمايائون ته ميربحر اٺ مان ۽ بادشاهه چور مان خدا تعاليٰ کي حاصل ڪري ورتو! ۽ پنهنجي ويساهه جي سچائي موجب مقصود کي پهچي ويا. پوءِ ڪسر نفسي ڪري فرمايائون ته اسين به ارشاد جي لائق ناهيون، پر سچا طالب پنهنجي ويساهه جي سچائي سان انهي ڏٺ ميربحر ۽ بادشاهه وانگر پنهنجي مقصود کي وڃي پهچن ٿا:

لیک طالب نادر آید کز فروغ
در حق او نافع آید آن دروغ

يعني: پر اهڙا طالب کي ٿورا لپندا جو اهڙي طرح کوڙ به سندن حق ۽ روشنائي جو نفعو پهچائي ڇڏي.

نقل 2: صالح فقير ابڙو نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون درگاهه مبارڪ تي حاضر هوس ، اتي مونکي تپ ۽ کنگهه جو اثر ٿي پيو، ان بابت سندن حضور پر نور ۾ عرض گذاريم، پاڻ فرمايائون ته جلاب پيءُ، مون وري عرض ڪيو ته حضرتا! جلاب پيئن مونکي ڏکيو ٿو لڳي، مون کي دعا فرمايو ۽ پوءِ پاڻ ٿوري مات ڪري نقل بيان فرمايائون ته ڪو مريد هو، تنهن پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! منهنجو گهر مينهن جي وسڻ سان ٽمي ٿو پوي ، جو پاڻي ڪري سارو گهر ڇر ٿي وڃي ٿو، مٽان ڪک کهجر به گهٽو ئي ٿو وجهانس ، پر اثر ڪونه ٿو ٽيئي، مرشد چيس ته پنهنجي گهر جي مٽان اسپنگر وڃي وجهه ته گهر نه ٽمندو، هن فقير به مرشد جو امر بجاءِ آڻي به ٿي داڻا اسپنگر جا وڃي گهر جي ڇت تي اڇلائي ڇڏيائين، خدا تعاليٰ جي قدرت،وري ڪڏهن به سندس گهر ڪونه ٽميو، پر

عجب هي تہ ٻيو ڪو ٻہ شخص ان فقير کان جنهن ٻہ مرض بابت علاج معالجو پڇندو هو تہ اهو ڏس ڏيندو هوس، تہ وڃي اسپنگر پيءُ ۽ سيئي مرضن وارا ان ڏس مان شفايابَ ٿي پوندا هئا.پوءِ پاڻ مونکي فرمايائون تہ هريڙن وڏين جي کل ۽ مصري گڏي ڪٽي ڦڪي ڪري کائي ڇڏي تہ ڪنگهہ ۽ تپ ٻئي ڇڏي ويندا،سندن امر موجب بازار ۾ هريڙن جي پڇا ڪيم پر هٿ ڪونہ آيون ۽ سندن خدمت ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! هريڙون مونکي هٿ ڪونہ لڳيون پاڻ فرمايائون تہ اهي اسين ٿا توکي ڏيون، ٻي ڏينهن پاڻ هڪڙي هريڙ صاحبزادي مسند ڏٺي قدس سرہ جي هٿ، جو ان وقت ننڍي ڄمار جا هئا، ڏياري موڪليائون، پوءِ ان هريڙ جي کل جو ڪي قدر مصري سان ملائي کائي ڇڏيم،جنهن سان ڪنگهہ ۽ تپ ٻئي ڇڏي ويا ۽ باقي مصري ۽ هريڙ اهي پلوَ ۾ ٻڌل هئا جو وري ٻي هڪڙي فقير کي ڏئي ڇڏيم.

نقل 3: عبدالله فقير رند نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ ڪو اصحابي سڳورو هو، سو عبادت تمام گهڻي ڪندو هو، ڏاڍو عابد، زاهد ۽ رياضتي هو، پوءِ جڏهن اهو اصحابي سڳورو حضرت سرورڪائنات ﷺ جي حضور مبارڪ ۾ ايندو هو، تڏهن پاڻ سندس تعظيم لاءِ اٿي بيهندا هئا ۽ گهڻي عزت اڪرام ڪندا هيس ۽ فرمائيندا هئا تہ اسين جو تنهنجي هيتري تعظيم ٿا ڪريون سا سپ تنهنجي عبادت جي گهٽائي لاءِ آهي. هيڪر حضرت سردار ڪريم ﷺ تي وحي آيو ۽ خبر ڪيائين تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جل شانہ فرمائي ٿو تہ انهيءَ شخص جي عبادت اسان جي درگاهہ ۾ قبول ڪانہ آهي، جڏهن اهو اصحابي وري اچي حضور مبارڪ ۾ زيارت کان مشرف ٿيو، تڏهن پاڻ ان وحيءَ جي خبر بابت کيس ڳالهہ ٻڌايائون، اصحابي سڳوري عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪڏهن قبول ڪري تہ سندس مهرباني ۽ جيڪڏهن نہ قبول ڪري تہ ٻہ سندس مرضي، آئون تہ خاص الله سبحانہ وتعاليٰ جي لاءِ عبادت پيو ڪريان ۽ اڳتي ٻہ پيو ڪندس، وڏيڪ سندس اختيار آهي. ايتري ۾ وري وحي نازل ٿيو تہ اي پيغمبر ڪريم ﷺ! انهيءَ شخص جي نيت جي سچائي جي برڪت جي ڪري سندس ڪلئي عبادت قبول ڪري ڇڏي سون.

فصل ٻيون
ولين سڳورن جي سچاٽپ بابت

نقل 1: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ ڪو بزرگ ڪنهن رستي سان لنگهيو پي ويو، تہ وات تي هڪڙي شهر کان اچي لانگهائو ٿيو، اتي هڪڙي شخص کي ڏٺائين جذام جي بيماري ۾ گرفتار ۽ عاجز ٿي پيو آهي، سندس ضعيف ۽ لاچاري واري حالت ڏسي ان بزرگ کي متس رحم پئجي ويو ۽ ان بيمار جي حق ۾ ان جي مٿي کان ٻيهي دعا گهريائين تہ يااللهي! برڪت ۽ حرمت انهيءَ جي ، جنهن کي منهنجي اکين ڏٺو آهي، هن بيمار کي هن مرض کان شفا عطا ڪر، ايترو چئي اڳيرو هليو تہ پويان بيمار خوش چگو ٻلو ٿي ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو، ۽ ان بزرگ جي پويان ڊوڙي اچي پهتو، اچڻ سان عاجزي سان پڇيائينس تہ اي پلارا! مونکي هيترو ٻڌايون وڃ تہ تنهنجي اکين اها ڪهڙي شيءِ ڏٺي آهي؟ جنهن جي برڪت سان آئون هڪڙي آزار مان يڪدم نوبنو ٿي پيس. بزرگ فرمايس تہ اي ادا! منهنجي اکين حضرت سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سره کي ڏٺو آهي، هيءَ انهي جي برڪت پهتي اٿئي. انهيءَ بيمار چيو تہ سبحان الله! هي عجب جهڙي ڳالهہ ڪيئي جو آئون بہ تہ ساڳي شيخ قدس سره جي خدمت ۾ ٻارنهن سال رهي آيو آهيان، پر هي مرض تہ مونکي ٿيو بہ سندس خدمت ۾ رهندي آهي، بزرگ ورندي ڏنس تہ اهو سچ آهي، پر ادا! جن اکين سان مون ڏٺو آهي، تن اکين سان تو ڪونہ ڏٺو اٿس. حافظ شيرازي قدس سره انهيءِ بابت ٻڌائي ٿو:

ديدن روی ترا ديده جان بين بايد
وين کجا مرتبہ چشم جهان بين من است

يعني: اي محبوب! تنهنجي منهن مبارڪ جي جمال باڪمال ڏسڻ لاءِ اها اک گهرجي جا ساهہ جهڙي لطيف شيءِ کي بہ پنهنجي نظافت سان نهاري سگهي. باقي هيءَ ظاهري اک جا جهان جي شين، ڪتن، ٻلن ۽ گڏهن وغيره ڪنين شين کي بہ پئي ڏسي، تنهن جو رتبو اهڙو وري ڪٿي ٿي سگهندو، جو محبوب جي رويت کان بہ مشرف ٿي سگهي.

نقل2: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ دريا خان نظاماڻي جي ديهہ ۾ صادق فقير نظاماڻي جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، اتي صحبت جي وقت باقر فقير نظاماڻي خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سره فرمايو آهي تہ جيڪو بہ مونکي ڏسندو تہ ان تي دوزخ جي باهہ حرام آهي، پر عجب آهي تہ جن شخصن حضرت سرور ڪائنات صلی اللہ علیہ وسلم جن کي ڏٺو سي مڙئي اصحاب سڳورا ڪونہ ٿي پيا، پر ڪيترائي ڪافر ۽ منافق رهجي ويا، جو دوزخ جا حقدار

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آهن ۽ حضرت شيخ قدس سره جا ڏسندڙ سڀئي دوزخ کان آزاد ٿي ويا! پاڻ فرمايائون ته حضرت شيخ جو فرمودو برحق آهي، پر اها خصوصيت کا فقط شيخ بايزيد لاءِ کانه آهي بلڪ هر کنهن ولي سڳوري کي اها عزت ۽ شرف عطا ٿيل آهي، ته جيڪو به کين حقيقي اک سان نهاري ڏسندو ته ان تي دوزخ جي باهه حرام آهي، باقي کافرن ۽ منافقن حضرت پيغمبر کريم صلي الله عليه وسلم کي اصل ڏٺو ئي کونه هو.
جيئن ته نص قرآن شريف جو ان تي شاهد آهي :

يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ (الاعراف : ۱۹۸)

ترجمو: اي پيغمبر کريم صلي الله عليه وسلم! اهي کافر ۽ منافق ظاهر ته توڏانهن نهارن پيا، حالانڪ حقيقت ۾ توکي ڏسن ئي کونه ٿا.
مثنوي شريف ۾ فرمايل آهي ته،

کافران ديدند احمد را بشر
مے ندیدند از وی آں شق القمر

يعني: کافرن،حضرت کريم صلي الله عليه وسلم کي پاڻ جهڙو ماڻهو ڪري پي ڏٺو، پر سندن هٿان جو چنڊ چيرجي لهي آيو، تنهن ڏانهن ڏٺائون ئي کونه ڪو.
نقل 3: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته پاڻ جڏهن به کنهن حديث شريف يا مشائخ سڳورن جي قولن مان کو بياڻ آڻي فرمائيندا هئا ته حديث شريف ۾ هيئن آيو آهي يا فلاڻي بزرگن هن طرح فرمايو آهي، تڏهن آئون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪندو هوس ته حضرتا! اسان ته نه حضرت پيغمبر کريم صلي الله عليه وسلم جي مشاهدي کان مشرف ٿيا آهيون، نڪو وري اڳين بزرگن کي ڏٺو اٿئون ، بس اسان ته اوهان تي ايمان ۽ يقين آندو آهي ، جو اوهان جي ئي ذات بابرڪات جي وسيلي ويساهه جي سچائي کي پهتا آهيون:

سالها در پای پیران سجده میکردم ولی
عاقبتا در چشم خود انسانی کامل یافتم

يعني: ڪيترا ورهيه پيرن جي پيرن ۾ سجدا پئي ڪيم، پر آخر غور ڪري ڏٺم ته انسان ڪامل پنهنجي ئي اک ۾ موجود هو، يعني ته ماڻڪي، جنهن مان مراد آهي ڪامل شخص.
نقل 4: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر مون سندن خدمت فيض موهبت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جو ظاهر ۽ باطن سائين جن، يعني اوهان جي ظاهر ۽ باطن ۾ پڌرو پيو ڏيکارجي. پاڻ انهيءَ ڳالهه ٻڌڻ سان ٽڌو ساهه ڪٽي، هي نقل بيان فرمايائون ته حضرت ناصر الدين خواجه عبيدالله احرار قدس سره جو فرزند سڳورو هيڪر حرمين شريفين جي زيارت لاءِ تيار ٿيو ۽ ان بابت پنهنجي والد معظم کان اجازت طلب ڪيائن. خواجه صاحب جن فرمايس ته تنهنجي وڃڻ

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جو سبب ڪهڙو آهي؟ يعني ڇا لاءِ ٿو وڃين. عرض ڪيائين تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي زيارت جي لاءِ، خواجہ صاحب فرمايس تہ اي پٽ!جمعي جي ڏينهن اسان وٽ اچجانءِ تہ توکي زيارت ڪرائيندا سون. جڏهن جمعي جو ڏينهن ٿيو سندس فرزند مبارڪ خدمت شريف ۾ اچي حاضر ٿيو، ان وقت خواجہ صاحب جن باغ جي چمن ۾ ٽلهي تي وينا هئا، نينگر بہ پنهنجي والد جي سامهون اچي مٿو هيٺ ڪري ادب سان مراقبي ۾ ويهي رهيو. گهڙي کن گذرڻ بعد نينگر مراقبي کان مٿو کڻي خواجہ صاحب ڏانهن نهاري ڏٺو، ڇا ڏسي تہ خواجہ صاحب جي سڄي پاسي کان حضرت محمد رسول الله ﷺ جن وينا آهن پوءِ ڪجھ وقت تائين ويني نهاريائين ۽ زيارت ڪيائين ڪجھ وقت کان پوءِ وري مٿو هيٺ ڪري، وري مٿي ڏنائين تہ رڳو خواجہ صاحب جن وينا هئا، ان کان پوءِ حج وڃڻ جو ارادو موقوف ڪري ڇڏيائين. پان انهيءَ هنڌ فرمائيندا هئا تہ جيڪي نينگر پنهنجي والد مڪرم جي پاسي سان حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ کي ڏٺو، سا خواجہ صاحب جي حقيقت هئي ۽ خواجہ صاحب ان وقت رڳي صورت هئا. هن جاءِ تي مناسب آهي تہ حضرت خواجہ مجدد الف ثاني سرهندي نقشبندي قدس سره جو هڪ مڪتوب، اولياءَ الله جي صحبت ۽ معرفت بابت محمد صادق ڪشميري ڏانهن لکيل آهي، نقل ڪيون: اهو مڪتوبات جي جلد پهرئين ۾ هڪ سؤ ڇهون مڪتوب آهي. هيٺ ان جو ترجمو ڏيون ٿا:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اوهان جو مڪتوب مرغوب، جو ڪمال دوستي ۽ نهايت محبت کان لکيل هو، پهتو. الحمدلله علىٰ ذالك، محبا! اولياءَ سڳورن جي محبت معرفت تي موقوف آهي، جنهن کي معرفت ڪانہ هوندي تہ ان کي محبت بہ ڪانہ هوندي، اها معرفت وري الله سبحانہ وتعاليٰ جي نعمتن مان هڪ وڏي نعمت آهي ۽ کنهن وڏي بخت واري کي ان نعمت کان مشرف ڪندا آهن. شيخ الاسلام هروي ٿو فرمائي تہ يا الٰهي! هي ڪهڙو نہ عجب اسرار آهي، جيڪو پنهنجن دوستن کي عطا ڪيو اٿئي، جو جيستائين کو توکي نٿو سجاڻي، تيستايئن تنهنجي دوستن کي بہ نٿو سجاڻي سگهي؟ انهيءَ متبرڪ پاڪ جماعت جو بغض زهر قاتل آهي ۽ مٿن طعن زني ڪرڻ هميشہ جي بي نصيبي پرائڻ جو سبب آهي، الله تبارڪ و تعاليٰ شال اوهان ۽ اسان کي اهڙي ابتلاءَ کان پناهہ ۾ رکي. هي بہ حضرت شيخ الاسلام جو فرمان آهي تہ ، يا الٰهي! جنهن کي پنهنجي درگاهہ مان تڙڻ جي مرضي هوندءِ تہ تون ان کي اسان فقيرن جي جماعت جي طعن زني ۽ بغض ۾ وجهندو آهين.

بے عنايات حق وخاصان حق
گر ملک باشد سيہ هستش ورق

يعني: الله تبارڪ وتعاليٰ جي مهرباني ۽ سندس خاصن پانهن جي مهرباني کانسواءِ جيڪڏهن ڪو ملائڪ هوندو تہ بہ ان (جي اعمالنامي) جا ورق ڪارائي ڪارا رهندا.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اوهان کي جو الله تبارڪ وتعاليٰ انانيت ۽ خود پسندي کان رجوع عطا فرمايو آهي، تنهن کي وڏي نعمت ڪري سمجهو ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ کان سوال ڪندا رهو تہ ان تي استقامت عطا فرمائيوَ:

والسلام علیٰ من اتبع الهدیٰ والتزم متابعت

المصطفیٰ علیه وعلیٰ آله الصلوات والتسلیمات

نقل5 : جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ ماڻهو چوندا آهن تہ اولياءَ سڳورن جي زيارت ڪرڻ شرط الله تبارڪ وتعاليٰ ياد اچي ويندو آهي، سو ان ۾ هڪ نڪتو آهي، چو تہ ماڻهو کي يادگيري انهيءَ شيءِ جي ايندي آهي، جيڪا مشاهدي ۾ ايندي.

اي عزيز! سندن فرمايل نڪتو هي آهي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي يادگيري ٻانهي جي ڏسڻ سان نٿي ٿي سگهي، بلڪ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ڏسڻ سان ئي سندس يادگيري اچي سگهي ٿي. جيئن حديث شريف ۾ شاهد آهي تہ:" اِذَا رَءَوْا ذُكِرُوا اللهَ" يعني جنهن وقت اولياءَ سڳورن تي نظر پوندي تہ يڪدم الله تبارڪ وتعاليٰ ياد اچي ويندو. انهي ڏانهن ئي مثنوي معنوي ۾ اشارو فرمايو ويو آهي:

هر کہ خواہد ہمنشینی باخدا
گو نشیند در حضور اولیاء

يعني: جنهن کي الله تبارڪ وتعاليٰ سان گڏ ويهڻو هجي تہ ان کي کپي تہ اولياءَ سڳورن جي حضور ۾ ويهي.

هر کہ شد دوراز حضور اولیاء
درحقیقت گشت او دور از خدا

يعني: جيڪو شخص اولياءَ سڳورن جي حضور کان پري پيو تہ اهو حقيقت ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي حضور کان پري ٿيو.

نقل 6: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ ڪڇ جي سفر تي اسريا هئا، آئون ۽ سندن رڪيب سان گڏ هوس،پوءِ جڏهن لواريءَ جي شهر کي نزديڪ آياسون، تڏهن اتي حقائق آگاهه قاضي عبدالرحمان، خليفي آدم خان بروهي ۽ خليفي ميان بخش علي،سندن حضور مبارڪ مان اجازت ورتائون تہ وڃي عارف بالله مخدوم محمد زمان قدس سرہ جي مقبري جي زيارت ڪري اچون ۽ مسند نشين ميان گل محمد رحمۃ اللہ علیہ سان ملاقات ۽ ڪري اچون. جامع ملفوظات چوي ٿو تہ آئون ۽ انهن سان گڏجي لواريءَ شهر ۾ پهتس پر ان وقت مونکي اهڙي حالت هئي جو ڪابہ خبر چار يا هوش حواس برجاءِ نہ هيم، جڏهن قلعي جي دروازي تي پهتاسون، تڏهن اتي وضو سارڻ جي سببان ٻين سنگتين کان پوئتي رهجي ويس، ۽ هو مونکان اڳ قلعي ۾ اندر هليا ويا، پر مونکي حال جي غلبي کان رفيقن جي خبر ۽

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

کانه هئي، کا مدت دروازي کان اندران بينو رهيس، پوءِ ڏٺم ته کي ماڻهو اتان لنگهيا، آئون به سندن پويان روانو ٿي ويس ءِجتي بزرگ ميان گل محمد رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي مريدن سان صحبت جي مجلس ۾ وينا هئا، اتي وڃي نڪتس، اتي پهچڻ شرط اهڙي ته سکر جي حالت جو مون تي غلبو هو، جو کنهن کي به کونه پيو سجاڻان، ايئن ويندي وڃي مجلس جي حلقي جي وچ ۾ فقيرن جي وچان بزرگ جي روبرو ويهي رهيس. حالانکه ان وقت مون بزرگ کي اتي وينل ڏٺو ئي کونه، پر ڪجھ وقت کان پوءِ ڏٺم ته بزرگ موجود آهي ءِ آئون به سندس روبرو وينو آهيان، آئون ته پنهنجي سکر واري حالت جي غلبي کان بادشاهه بٽيل هوس، جنهن ڪري بزرگ ڏانهن التفات ئي کونه ڪيم، جي پهريان خبر پئجي وڃي ها ته ضرور کيس مصافحو ڪيان ها پر ان کان پوءِ پنهنجي نسبت ڇڏي،بزرگ جي نسبت ۾ رابطي ۾ متحد ٿي ويس، ڏٺم ته ڪنهن جي چڪ وانگر چرخي ۾ آٽي ڇڏيائين ۽ بزرگ ان وقت مون ڏانهن نهاريون پي مرڪيو، پوءِ جڏهن بزرگ جي نسبت واري قوت ڪجھ جهڪي ٿي، تڏهن وري پنهنجي اصلي نسبت ڏانهن رجوع ڪيم، ان وقت عالي فقير مجذوب، جو حضرت مرشد ڪريم قدس سرہ جو مريد هو، تنهن چيو ته’مگر ڳالهائڻ گناهه آهي‘تنهن جي جواب ۾ خليفي سڃيڏني جو بزرگ جو مقرب هو،چيو ته، ’اها مان به گناهه آهي‘ پوءِ مجلس برخواست ٿي ۽ آئون به سندن خدمت مبارڪ ۾ اچي پهتس ۽ سموري حقيت سندن حضور پر نور ۾ عرض ڪيم، پاڻ فرمايائون ته بزرگ پنهنجي سر تمام ڇڪو ۽ ڪامل اڪمل شخص آهي، پر حافظ سڃيڏنو زور آور ماڻهو آهي.

نقل 7: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هڪڙي شخص ، غلام محمد نالي قوم انڙ تي سرڪار مير غلام علي ٽالپر جا تيرنهن هزار روپيا قرض هئا، انهن جي ڇڏائڻ لاءِ حضرت مرشد ڪريم قدس سرہ کي خدا تعاليٰ جو اسم وجهي ميڙ طرح حيدرآباد جي قلعي ۾ وڃي ويو،پاڻ جڏهن حيدرآباد آيا، تڏهن قاضي سيد ميان مقبول شاهه رحمۃ اللہ علیہ جي مسجد ۾ اچي لٿا، اتي هڪڙو هندو قوم منجهان مجذوب شخص آيو ۽ سندن خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي قدم بوسي کان مشرف ٿي عرض ڪيائين ته حضرتا! حضور جن زمين جا بادشاهه آهن ۽ ميان غلام علي بازار جو ميان منشي آهي، سو ان کي ڪو اهنج نه پهچائجو، پاڻ فقيرن ڏانهن خطاب ڪري فرمايائون ته ڏسو هن هندو کي جڏهن ذات حق جو مجذوب ٿيو آهي ته کهڙو نه عمدو نڪتو بيان ڪيو اٿس.

نقل 8: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر آئون حضرت خليفة الله مسند نشين قدس سرہ جي خدمت بابرڪات ۾ وينو هوس، پاڻ حضرت مرشد ڪريم کان بيان فرمايائون ته حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن فرمايو ته اسين مخدوم ميان محمد زمان قدس سرہ وٽ ويا هئاسون، ڏٺوسون ته پنهنجي وقت جا غوث هئا. جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته مون تي پيرا موٽائي موٽائي حضرت صاحبزادي صاحب کان پڇيو ته حضرت ميان صاحب جن قدس سرہ مخدوم ميان زمان قدس سرہ وٽ ويا هئا؟ فرمايائون ته هائو.

نقل9: سيد مرتضيٰ شاهه رهندڙ ملڪ ڪچ ديهه پانڌهه جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون پي ته

سکندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

هڪڙي ڏينهن حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ اصحابن سڳورن جي مجلس ۾ فرمايو ته الله تبارڪ وتعاليٰ ، ملڪ اسرافيل کي ٻي ڪنهن به نبي سڳوري وٽ ڪونه موڪليو آهي، مگر اسان وٽ موڪليو اٿس. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن اهو بيان ڪري پوءِ فرمايائون ته هن ڳالهه جي ظاهر ڪرڻ جو مقصد هي آهي ته جيڪي شخص اسان جي قرب ۽ محبت دوستي کان خالي آهن، تن جي دل واري زمين ۾ محبت ۽ قرب جو ٻج ڦٽي پوي ۽ جن نصيب وارن جي ساهه واري باغ ۾ محبت ۽ دوستي جي چڪي ڦٽل آهي ته اها زيادتي قرب سان پل ته ڦر واري ٻٽجي پوي. اهو بيان حديث شريف کان پورو ڪري پوءِ حضرت مرشد مڪرم قدس سره فرمايو ته اسين به انهيءَ موجب هي ڳالهه ظاهر ٿا ڪريون ته حضرت مرشد معظم جناب ميان صاحب قدس سره جن کي ڪي ڪامل چوندا هئا ڪي مڪمل ، پر اسان اصل کان ڪين مربي ڪري ڇاڻندا هئاسون، پوءِ اسان کي به الله تعاليٰ اسان جي اعتقاد موجب مربي جو درجو مرحمت فرمايو آهي.

نقل 10: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر پاڻ ڪڇ ملڪ جي سفر تان پوئتي موٽيا هئا ۽ واٽ تي مريدن مشتاقن جون دعوتون ونندا، ڪوڪرن جي ديهه ۾ اچي پهتا ۽ انهي ڪوڪرن جي ڳوٺ جي بازار ۾ لانگهائو ٿيا، سندن تشريف آوري جي ڪري ڳوٺ جي سيني هندوئن دڪان بند ڪري ڇڏيا ۽ ماڻهو ننڍا وڏا سڀ سندن ديدار فرحت آثار لاءِ اچي ڪٺا ٿيا، خلق جا هشام هر طرف کان زيارت لاءِ ٻينا هئا، انهيءَ وچ ۾ خليفي محمد فقير ناهيي عرض ڪيو ته حضرتا! هي ماڻهو جو هتي اچي انبوهه ٿيا آهن، سي سڀ اوهان جي حقيقت ڏسڻ کان محروم ۽ مايوس ٿو ڏسان. انهن جي ئي شان ۾ آيل آهي:

يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ (الاعراف : ۱۹۸)

ترجمو: توڏانهن نهارين ٿا پر ظاهري اک سان ، رڳو ظاهر پيا ڏسن. ۽ اندر جي اک سان باطن جي حقيقت ڏانهن نهارين ئي ڪونه ٿا.

تنهن ڪري مونکي دل ۾ ٿو اچي ته هيڪر دانهون ۽ رڙيون ڪري ماڻهن کي اوهان جي وجود مسعود جي حقيقت کان خبردار ڪريان! پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته تو مونکي سڃاتو آهي، باقي ٻين سان تنهنجو ڪم نه آهي. پوءِ هي بيت زبان مبارڪ سان فرمايائون:

نهائين کان نينهن سڪ منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن ٻاهر ٻاڦ نه نڪري

نقل 11: غلام محمد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ ديهه ٺريءَ ۾ نزول فرمايو هئائون، آئون به اتي وڃي قدم بوس ٿيس پوءِ قدم بوسي مهل عشق ۽ محبت جي، جوش کان حضرت مرشد ڪريم قدس سره کي پاڪر پائي عرض ڪيم ته حضرتا! تون عين جند رسول الله ﷺ جي آهين. پاڻ جواب ۾ هٿ مبارڪ ڪٽي منهنجي وات تي ڏنائون ۽ فرمايائون ته مان ڪر ته نامحرم (ڏاريا)

ماڻهو ٻڌي نه وڻن.

اي عزيز! مرشد ڪريم ڪامل مڪمل 'فنا في الرسول' ۽ 'فنا في الله' سان مشرف ٿا ٿين ۽ مبتدي مريد ويچارو ڪير ڏائڪ ٻار آهي، جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي فضل سان سندس ارادي ۽عقيدي موجب ان کي سندس مرشد جو جمال ڏيکاري ٿو تہ پوءِ اهڙا گفتگا ڪرڻ ٿو لڳي.

جيئن خواجہ حافظ رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي تہ:

درخرابات مغاں نور خدای بينم
ايں عجب بين کہ چو نورز کجای بينم

يعني: مان فاني حسن جي خرابات ۾ خدا تعاليٰ جو نور ڏسان ٿو، هي عجب ڏسو تہ ڪهڙو نور ڪهڙي هنڌان ڏسان ٿو.

ناصر الدين خواجہ عبيدالله احرار قدس سرہ الله بہ پنهنجي ملفوظات ۾ انهيءَ مقام جو نشان ڏنو آهي:

زانرو کہ چشم تست احول
معبود تست پير اول

يعني:جڏهن تہ تنهنجي اک کي ڪجهہ ٽيڏ جو اثر آهي، تنهن ڪري تنهنجو معبود پهريان تنهنجو مرشد ئي آهي.

خواجہ حافظ قدس سرہ الله هڪ هنڌ فرمايو آهي:

مادر پيالہ عکس رخ يار ديده ايم
اے بے خبر ز لذت شرب مدام ما

يعني: اسان شراب جي پيالي (يعني مرشد جي صورت) ۾ دوست جي منهن جو اولڙو ڏٺو آهي. اي بيخبر! توکي اسان جي هميشہ شراب پيئڻ جي لذت جي ڪهڙي خبر؟ متين فقير پنهنجي مرشد ڏانهن معبوديت جي نسبت نہ ڪئي اٿس بلڪ رسالت جي نسبت ڪئي اٿس، اهو بہ هڪ حال آهي، جنهن حال جي تصديق حضرت پيغمبر ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن هر طرح فرمائي آهي:

اَلشَّيْخُ فِيْ قَوْمِهٖ كَالنَّبِيِّ فِيْ اُمَّتِهٖ

يعني:مرشد ڪريم پنهنجي قوم ۾ اهڙي مثال آهي، جيئن نبي پنهنجي امت ۾ هجي.

ٻئي هنڌ ارشاد فرمايو اٿن:

"عُلَمَاءُ اُمَّتِيْ كَاَنْبِيَاءِ بَنِيْ اِسْرَائِيْلَ"

يعني: منهنجي امت جا اهلِ دل عالم، بني اسرائيل جي نبين جي مثال آهن.

اي عزيز! اهلِ حال جا قول اسان جي سمجهہ ۾ اچڻ محال آهي، تنهنڪري

سڪندريہ پبليڪشنز، درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

توکي، اسان کي رڳو ايترو ڪپي ته ان تي اعتراض نہ ڪريون، بلڪ ان جو علم الله تبارڪ وتعاليٰ ڏانهن سونپي ڇڏڻ گهرجي. ڇو ته اهي اسرار ڪوهه قاف جهڙا آهن، تن کي هن بازاري تاراجي،عقل ڪمزور جي سان تورڻ اڻ ٽيٽي ڳالهه آهي. ۽ پڻ ان راز جي پڌري ڪندڙ جي وات تي رڳو شريعت جي ادب ڪري هٿ رکيو هئائون.

نقل 12: ڪنگهار فقير نهڙيو، نقل ڪري ٻڌو ته هيڪر پاڻ درگاهه مبارڪ تي سومهياڻي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ مصلي تي وينا هئا ۽ مون کين زور پئي ڏنا، زورن ڏيندي منهنجي دل ۾ خيال آيو ته جن ماڻهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي خواب ۾ ڏٺو تن وڏي فخر ۽ لذت کي حاصل ڪيو ۽ جن سندن نالو مبارڪ ٻڌو تن کي به خوشي ۽ فرحت حاصل ٿي. پر الحمدلله والمنة جو اسين حضرت مرشد ڪريم جن کي، جي سراپا وجود حضور سرورڪائنات ﷺ جو آهن، روبرو وينو زيارت ٿا ڪريون، پاڻ منهنجي دل جي خيال کي معلوم ڪري ورتائون ۽پاڪر پائي فرمايائون ته انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي پڪ انهي طرح آهي.

نقل 13: عبدالله فقير رهندڙ ديهه جکيجي واقع پرڳٽي ڏڪ جو نقل ڪري ٻڌو ته هيڪر پاڻ شڪارپور تعلقي مان دعوتون ونڻ درگاهه شريف ڏانهن موڪليا پي آيا. وات تي هڪڙو فقير متي ۽ پيرين اگهاڙو درياءَ سنڌ جي پڪ سان ٻيڻو ڏنائون، جڏهن ان جي برابر ٽي لنگهيا، تڏهن آئل فقير کي فرمايائون ته هن شخص کي ڪي سچاتو اٽئي؟ فقير جواب ۾ مان ڪٽي ڪئي، پوءِ پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايائون ته هي فقير خدا تعاليٰ جي ولين مان آهي.

نقل14: خليفو محمد حسن رهندڙ ديهه ڏڏر واقع علائقه ٽر جو، نقل ڪري ٻڌو ته هيڪر اسين زيارت فيض بشارت لاءِ ڳوٺان نڪري درگاهه مبارڪ ڏانهن روانا ٿياسون ، جڏهن ٽنڊي لقمان ٽالپر ۾ پهتاسون ته پاڻ اسان کان اڳ ٽنڊي لقمان ۾ تشريف فرما ٿيل هئا، قدم بوسي جي سعادت کان مشرف وڃي ٿياسون، اتي مجلس شريف ۾ ننڍڙا ٻارڙا به کي موجود هئا،پوءِ پاڻ مونکي خطاب ڪري فرمايائون ته اي خليفا! "الجنس يميل الى الجنس" آيل آهي، ايتري ۾ هڪڙي شخص پٽاشا سندن حضور ۾ آڻي رکيا، پاڻ اهي پٽاشا ٻارن کي ورهائي ڏنائون.

نقل 15: خليفو ميان غازي خان نقل ڪري ٻڌو ته هيڪر آئون درگاهه مبارڪ تي ٽڪيل هوس ته کين لاڙ جي سفر جو ارادو ٿيو، جيئن ته صبح سان روانگي جو انجام مقرر فرمايو هئائون، انهيءَ رات اڌ رات کانپوءِ ڪيترا ڪانوَ گڏجي مسجد شريف ۾ آيا ۽ اچي لڙ مچايائون پاڻ اتان اٿي وري حاويلي مبارڪ ڏانهن ويا اتي به ڪانوَن ڏاڍو شور ۽ لڙ وجهي ڏنائون، خير جو صبح ساڻ پاڻ درگاهه مبارڪ تان فقيرن جي جماعت سميت چڙهي اچي مهيسرن جي ديهه ۾ تشريف فرما ٿيا، محمد شريف مهيسر خدمت سڳوريءَ ۾ حاضر ٿيو ۽ زيارت ڪرائڻ لاءِ کين پنهنجي گهر ونڻ ويو، آئون سندن سواري واري گهوڙي اتي جهلي بينس،پي جماعت فقيرن جي جنهن ديهه ۾ دعوت هئي اوڏانهن روانا ٿي ويا، جڏهن

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پاڻ زيارت ڪرائي ٻاهر آيا، تڏهن مون پنهنجي گهوڙي کي قٽي ڪري سندن گهوڙيءَ کي سواري لاءِ اڳيان آندم، پاڻ جڏهن سواري واسطي تيار ٿيا ، تڏهن منهنجي گهوڙي ۾ اڳتي وڌي اچي سائين جن جي ويجهو ٿي، مون کيس چمات هٽي پري ڪيو.

پاڻ فرمايائون ته هي گهوڙي ۾ اسان جي محبت ۽ قرب ۽ دوستي لاءِ ٿي اچي، پوءِ وري فرمايائون ته اي غازي خان! رات جي وقت ڪانوَن لڙ ۽ ڪانگيرو ڪيو هو، تنهن وقت سجاڳ هئين يا نه؟ عرض ڪيم ته حضرتا! ڪانوَن جي لڙ ئي ته اسان کي سجاڳ ڪري وڌو هو، پاڻ فرمايائون ته اهي ڪانوَ مسجد مان قري وري حاويلي ۾ آيا هئا ۽ اندر جاءِ ۾ لنگهي اچڻ لاءِ ٿيار ٿيا، صاحبن سڳورن کين هر هر پئي اڏاريو، ان وقت اسان چيو ته ڪانوَ اسان جي موڪلائڻ لاءِ آيا آهن، ڇو ته اسان سفر جو ارادو ڪيو آهي، هڪ گهڙي کن ڇڏيو ته موڪلائي رهن، پوءِ فرمايائون ته حيوانن کي ڳالهائڻ جي زبان ڪانهي باقي اولياءَ الله سان قرب ۽ دوستي ڏاڍي اٿن.

اي عزيز! جن ماڻهن کي اولبائن سڳورن سان مناسبت ڪونهي، اهي ڏورن ڏيڻ ۽ پڪين کان به ابتر آهن.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٽيون
پير سان مريد جي اتحاد ۽ رابطي بابت

نقل 1: هيڪر پاڻ ڳوٺ گندا واهه ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. اتي حضرت مخدوم صاحب قدس سره جي مريدن مان هڪڙو شخص پنهنجي مريدن جي جماعت سميت اچي خدمت اقدس ۾ زيارت کان مشرف ٿيو. پاڻ کيس ڏاڍي عزت ۽ حرمت عطا فرمايائون ۽ پڇيائونس ته تون حضرت مخدوم صاحب قدس سره جي ديدار فرحت آثار کان مشرف ٿيو هئين؟ هن جواب ڏنو ته حضرتا! ٻه ڀيرا مخدوم صاحب جن جي حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿيو هوس، ۽ هونءَ پاڻ ان بزرگ کي ذوق شوق جو وڏو بهرو مليل هو،جيئن ته مشتاقانه غزل حضور مبارڪ ۾ پي چيائين ۽ غزل چوڻ وقت سندس حالت متجي پي ويئي ۽ سندس منهن ۽ رنگ ٻي طرح ٿي پي ويا ۽ کيس توڙي سندس مريدن کي وجد جي حالت ٿي وئي ٿي، پوءِ جڏهن پاڻ گنداواهه کان وري جهل ۾ تشريف فرما ٿيا تڏهن اتان موڪلائي هليو ويو.

نقل 2: هيڪر پاڻ فرمايائون پي ته جڏهن سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم هن فاني جهان مان رحلت فرمائي فردوس اعليٰ ڏانهن اسريا، تڏهن اصحاب سڳورا اهل صفه جا توڙي ٻيا ڪلئي خبر وحشت اثر ٻڌي هوش ۽ پنهنجي وس کان نڪري ويا، جيئن ته حضرت امير عمر رضي الله عنه ترار ڪڍي هڪڙي هنڌ ويهي رهيو ۽ چوي پيو ته جيڪو ٻه حضور صلي الله عليه وسلم جي وفات جو نالو مون وٽ ڳنهندو ته هن ترار سان سندس گردن اڏائي ڇڏيندس، مگر حضرت امير المومنين ابابڪر صديق رضي الله عنه جو هوش حوصلو بر جاءِ هو،ڇو ته سندس ڪمال رابطو ۽ اتحاد اهڙو ته حضور جن سان ڪامل هو جو وصال ڪري سندس حواس برجاءِ رهيا ۽ گهر نه ٿيا پوءِ ڪن اصحابن سڳورن حضرت ابابڪر صديق رضي الله عنه سان حضرت امير عمر رضي الله عنه جي مٿين حقيقت بيان ڪئي،پاڻ انهي خبر ٻڌنديئي حضرت عمر رضي الله عنه وٽ آيا ۽ هيءَ آيت شريف پڙهي ٻڌايائون:

إِنَّكَ مَيِّتٌ وَّإِنَّهُمْ مَيِّتُوْنَ (الزمر : ٣٠)

ترجمو: اي پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم! تون ٻه وفات ڪري ويندين ۽ اهي ماڻهو ٻه نيٺ هي دنيا ڇڏي اڳتي هلندا.

انهيءَ آيت شريف ٻڌڻ شرط حضرت امير عمر رضي الله عنه ترار زمين تي اڇلائي ڦٽي ڪئي ۽ هوش ۾ اچي ويا.

نقل 3: هيڪر پاڻ فرمايائون ته ڪوشخص ڪنهن موچي بزرگ جو وڃي مريد ٿيو هو، ماڻهو مٽس چٽر ڪرڻ لڳا ته توکي دنيا ۾ ٻيو پير ئي هٿ ڪونه آيو، جو وڃي هڪ موچيءَ جو مريد ٿيو آهين! هن جواب ڏنو ته ادا! جيڪي انهيءَ موچي منهنجي دل واري چمر تان غير وارا غدود وڍيا آهن ،

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تنهن جي پي ڪنهن کي مجال نہ هئي.

نقل 4: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ سمنڊ ۾ هڪڙي قسم جي مڇي ٿيندي آهي، جنهن کي راموز ڪري سڏيندا آهن، اها مڇي انسان جي صورت تي عاشق هوندي آهي، پوءِ جيڪڏهن قضا الٰهي سان ڪا ٻيڙي سمنڊ ۾ ٻڏي پوندي آهي ۽ اها مڇي ات حاضر هوندي آهي تہ ماڻهو کي پنهنجي پڻيءَ تي ويهاري سمنڊ جي ٻيڪ سان نيئي ڇڏيندي آهي، انهيءَ هنڌ پاڻ هينيون فارسي بيت پڙهيائون جو سندن ئي تصنيف ٿيل آهي:

زور قم در ورطہ طوفاں غم افتادہ ست
کوست راموز محبت کہ رساند ساحلم

يعني: منهنجي ٻيڙي ڏکن جي طوفان واري ڪُن ۾ اچي پئي آهي، اڄ کا محبت پريل راموز هجي ، جو هن ٻڏل کي ٻيڪ تي نيئي پهچائي.

اي عزيز! هي مثال پاڻ پير ۽ مريد جي بابت بيان فرمايو اٿن:

ہست راموز مرشد کامل
می برد مرد راسوی ساحل

يعني: راموز جي مثال آهي ڪامل مرشد،جو مريد کي ڏکن جي طوفان کان ڪڍي امن جي ڪناري تي وڃي ٿو پهچائي.

نقل 5: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ حال جي شروعات وارن ڏينهن ۾ جڏهن سائيدي جي ڳوٺ ۾ رهندا هئاسون، تڏهن ڪنهن ڪم ڪار سان الهندي طرف ٻيلي ڏانهن نڪري ويلسون تہ اوچتو اتي هڪڙي ڏنار جو آواز ڪن تي پيو سون، جنهن هيءُ سنڌي بيت پي چيو:

'منهنجي سڃڻ کي بندو ڪيرچوي'

هي بيت اسان جي دل تي اهڙو اثر ڪري ويو جو ڇڻ تير نشان تي وڃي ٽڪاءُ ڪيو، ان کان پوءِ ڪيترا ڏينهن اهي لفظ چوندا هئاسون ۽ ان مان لذت وٺندا هئاسون.

اي عزيز! سندن مٿين فرمايل نقل مان پير مريد جي رابطي ڏانهن اشارو نڪري ٿو، چوتہ ان حال ۾ مريدن کي پنهنجي مرشد جي صورت ۾ عين حقيقت جو مشاهدو ڪرائيندا آهن، تنهن ڪري ان وقت مريد اهڙي طرح چوندو آهي جيئن خواجہ حافظ رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي:

درخرابات مغاں نور خدا می بینم
ایں عجب بین کہ چو نور ز کجا می بینم

يعني: مان فاني حسن جي خرابات ۾ خدا تعاليٰ جو نور ڏسان ٿو، هي عجب ڏسو تہ ڪهڙو نور ڪهڙي هنڌان ڏسان ٿو.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اي پيارا! حضرت مرشد مربي قدس سره جيڪو نڪتو مجمل طرح فرمايو آهي، ان تي هيءَ آيت شريف تفصيل سان روشني وجهي ٿي، جو الله تعاليٰ جل شانه فرمائي ٿو:

قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَ لَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا (الكهف : ١٠٩)

ترجمو: فرماءِ اي محبوب صلي الله عليه وسلم! جيڪڏهن سمنڊ منهنجي پالٽهار جي ڳالهين لاءِ مس ٿئي ته ضرور سمنڊ ختم ٿي ويندو، منهنجي پالٽهار جون ڳالهيون ختم نه ٿيندیون.

نقل 6: جامع ملفوظات رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ ديهه تلهار کان،جا چاچڪن جي پر ڳٽي ۾ گوني واهه جي ڪناري سان آهي، سوار ٿيا، جمالين فقيرن جي ڳوٺ ڏانهن مبارڪ فقير جي دعوت تي پي آيا، جو اتان اڌائي ڪوهن جي پنڌ تي ڏکڻ طرف ڏانهن هو، ڪيترا فقير رستي ۾ پيادل سائين جن جي گهوڙي اڳيان ڊوڙندا پي آيا، انهن فقيرن سان گڏ مسماة حرمت ، ماهي فقير راهوڪڙي جي پيٽ ۾ گڏ اڳيان ڊوڙندي پي آئي، جڏهن گوني واهه جي پڪ سان آيا، تڏهن پاڻ فرمايائون ته ڪو اهڙو فقير آهي جو پاڻي ڪچڻ لاءِ اسان جي گهوڙي جي اڳيان تي هلي؟ جڏهن ته سياري جي مند هئي ۾ سيءَ جو وقت هو، تنهن ڪري فقيرن کي واهه ۾ گهڙڻ لاءِ ٿوري ويرم گذري ته ايتري ۾ مسماة حرمت پاڻي ۾ ڪاهجي پيئي ۽ پاڻ ۾ سندس پوئتان گهوڙو گواهه ۾ هيٺ لاٽائون ۽ پي پڪ تائين وڃي پهتا، واهه ۾ ارهه جيترو پاڻي هو، جنهن ۾ هن مسماة جا ڪلئي ڪپڙا پسي ويا هئا.

نقل 7: عبدالله فقير رهندڙ ديهه جڪيجي جو نقل ڪري ٿو هيڪر پاڻ فرمايائون پي ته گهٽو ڪري حضرت ميان صاحب قدس سره جن اسان کي پنهنجي مصلي تي امامت ڪرائڻ لاءِ حڪم فرمائيندا هئا ، اسين سندن مصلي تي بيهي امامت ڪرائيندا هئاسون. ۽ جيڪڏهن پاڻ سان گڏ ڪٽ تي ويهڻ جو حڪم ڪندا هئا ته ويهي رهندا هئاسون. مطلب ته سندن امر جي برخلاف ڪڏهن به ڪونه ڪندا هئاسون. پاڻ انهيءَ ڪري اسان کان بلڪل راضي ۽ خوش خورم ٿي فرمائيندا هئا ته الله تبارڪ وتعاليٰ توکي ڪنهن جو محتاج نه ڪندو بلڪ ٻيا تنهنجا محتاج رهندا.

نقل 8: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر پاڻ سياري جي مند ۾ سيد ميان مرتضيٰ علي شاهه جن وٽ فاتحه ڏيڻ لاءِ قبيلي سميت درياءَ جي هن پر تشريف فرما ٿيا هئا، سيد ميان مرتضيٰ علي شاهه ، سائين جن جو ننڍو پاءُ هو، پوءِ جڏهن اوڏاهون ٿي موٽي درياءَ جي پٽڻ تي آياسون، تڏهن ٻيڙيون حاضر ٿيون پر درياءَ جون پڪون ڪجهه وڌيون هيون، جنهن ڪري گهوڙا ٻيڙي ۾ نه پيا چڙهي سگهن، تڏهن مون ۽ پي هڪڙي فقير چا ڪيو جو گهوڙن جي سينن کي ڪلها ڏيئي گهوڙن جا اڳيان پير ڪٽي ٻيڙيءَ ۾ پي اڇلايوسون ، پوءِ ايئن ڪري سيئي گهوڙا ٻيڙي تي چاڙهي ڇڏياسون، پوءِ آئون ، هڪڙو مهاڙو ۽ گازر فقير رهندڙ درگاهه مبارڪ جو ٽيئي ٻيڙي جي رس ڇڪي پٽڻ واري جاءِ ڏي پي آياسون ته انهيءَ وچ ۾ ٻيڙي جي اولي واري ڪاني جا سيد سچل شاهه جي هٿ ۾ هئي، جو سيد مٺيون پٽ سائين جن جي عزيزن مان هو، سا ڪاني ڦيرائيندي ڪندي زمين سان لڳي ڇڃي پيئي ۽ رسين

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جو ڳنڍيون جي ان کاڻي سان ٻڌل هيون سي به ڇڙي ڪمزور ٿي پيون، ۽ ڇڪ ۽ زور جو اثر پيڙي تي نہ پيو هلي سگهي، پاڻ مهاڻن کي فرمايائون تہ کاڻي سوگهي ڪري ٻڌو پر سردي زور جي پئجي رهي هئي ۽ سيءَ جي سختي ڪري ڪوبہ ان کاڻي جي ڪيڻ جي هام ڪونہ پيو هٽي،پوءِ پاڻ آڳر مبارک سان مون غلام کي کاڻي لاءِ اشارو فرمايائون، جو سندن اشارو ڏسندي ئي کپڙن سوڌو ڪٽي ٽپي هنيم ۽ کاڻي کي اندارن ٻاهر ڪڍي سيد سچل شاهہ جي هٿ ۾ آڻي ڏنم. جنهن ساڻ پيڙي جو اولو قائم ڪري وري رس ڇڪي سون جو نيٺ سج لٽي مهل پيڙي پار پهتي. اتي گهوڙن کي پيڙي تان لاٿوسون، پاڻ مونکي فرمايائون تہ اسين گهوڙن تي هنو ٽا ڪيون ۽ تون مٿن غاشا ٻڌ. مون سندن کپڙن مبارکن جي ادب پاران عرض گذاريو تہ نہ حضرتا! آئون ٿو سنج وجهان ۽ اوهين غاشا وجهو، اوهان جي هَنن وجهڻ ڪري ادب جو لحاظ ٿو ٽٽيم تہ متان سائين جن جا کپڙا ميرا ٿي پون. پوءِ پاڻ سانجهيءَ جي نماز ادا فرمايائون جنهن ۾ پاڻ امام ٽيا ۽ آئون هڪڙو ئي مقتدي سندن پويان هوس، نماز کان فارغ ٿي سواري هلي، جو سومهياڻي بعد اچي درگاهہ مبارک تي نڪتاسون، سائين جن جي وڏن صاحبن سڳورن کي جو هن عاجز جي استقامت جي احوال جي خبر پهتي هئي، تنهن ڪري وڏي ڪرم سان جهڙو مائرن کي پٽن تي احسان فرمائي جو دستور آهي، عنايت مون مسڪين جي حال تي پي فرمايائون ۽ ڪٽڪ جي اٽي مان کي قدر گيهہ ۾ پيڄي ان ۾ جاڻ ، لونگ، ڳڙ ۽ پيون کي شيون جي سردي کي دفع ڪندڙ هيون، ان ۾ وجهي ڏياري موڪليائون. مون ان کي جيڪي حاضر مجلس جا فقير هئا، تن ۾ ورهائي حصي آهر ڳڏجي کاڌوسون ۽ ان کانپوءِ درگاهہ مبارک تي ٽڪيل هو، پوءِ جنهن ڏينهن ننگر تي طعام موجود نہ هوندو تہ صاحبزادن سڳورن لاءِ البت ڪجهہ نہ ڪجهہ طعام تيار ڪندا هئا، ان مان بہ ڪٽڪ جي ماني جو اڌ پيڄي مون کي مرحمت فرمائيندا هئا.

نقل 9: هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ ناصر الدين خواجہ عبيدالله احرار قدس سره جي صحبت ۾ بادشاهہ ۽ امير وزير وغيره اهل دولت ماٹهو ايترا تہ اچي گڏ ٿيندا هئا، جو مسڪينن کي سندن صحبت ۽ زيارت جو وجهہ بلڪل نہ پيو ملي سگهي، تنهن تي هنن ويچارن خدمت سڳوري ۾ فرياد ڪئي تہ حضرتا! اسان مسڪينن جو ڪو حال ڪونهي، ڇوتہ شاهوڪار ماٹهن جي انبوهہ کان صحبت تہ پري ٿي پر زيارت بہ حاصل کانہ ٿي ٿئي سگهي.تنهن تي خواجہ صاحب قدس سره کين پنهنجي رابطي لاءِ امر فرمايو. پوءِ مريدن کي رابطي مان ايترو تہ فيض حاصل ٿيو جو روبرو صحبت ڪرڻ کان بہ ڪٽر.

اي عزيز! حضرت پيرسائين قدس سره جن بہ پنهنجي مريدن کي رابطي بابت وڏو تاڪيد ۽ ڪوشش فرمائيندا هئا.

زانرو کہ چشم تست احول
معبود تست پير اول

يعني:جڏهن تہ تنهنجي اک کي ڪجهہ ٽيڊ جو اثر آهي، تنهن ڪري تنهنجو معبود پهريان تنهنجو مرشدئي آهي.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 10: هيڪر پاڻ قدس سره فرمايائون تہ حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي زماني ۾ ڪن اصحابن سڳورن جي گهرن ڏانهن حجري شريف مان دريون ڪليل هونديون هيون، پوءِ جڏهن پاڻ هن فاني دنيا مان عالمِ آخرت ڏانهن اسرڻ جو سانباهو ڪرڻ لڳا، تڏهن سڀني درين جي بند ڪري ڇڏڻ جو حڪم فرمايائون، مگر هڪ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي گهر واري دري اوهين ڪليل ڇڏي وئي، ڇوتہ رابطي ۾ سندن درجو نهايت اعليٰ ۽ مخصوص هو. پاڻ انهيءَ هنڌ فرمايائون تہ حضرت سرور ڪائنات ﷺ جي متين حڪم مان اهڙي طرح معلوم ٿيو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ ڏانهن پهچڻ جا ٻيا سڀ رستا بند ڪيا ويا، مگر هڪ رابطي وارو رستو ڪليل رکيو اٿن.

اي عزيز! شيخ عبدالحق محدث دهلوي قدس سره 'جذب القلوب' ۾ لکيو آهي تہ جنهن وقت پاڻ ڪريمن ﷺ جن سڀني اصحابن سڳورن رضوان الله عليهم اجمعين جي درين بند ڪرڻ لاءِ حڪم فرمايائون ، جيڪي حجري شريف کان ٽيل هيون،تڏهن حضرت علي رضي الله عنه کي اکين مبارڪن مان ڳلن تي ڳوڙها وهي هليا، پاڻ ڪريمن ﷺ جن کين فرمايو تہ اوهان جي طرف واري دري سڀني اصحابن سڳورن رضوان الله عليهم اجمعين جي درين کان جدا ٽيل آهي، جنهن لاءِ بندش جو حڪم بلڪل ڪونهي.

نقل 11 : فيروز فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ نقل فرمايائون تہ ڪو پير هو ،تنهن پنهنجي هڪڙي مريد کي جو سندس رابطي ۾ بلڪل متحد الوجود هو، حڪم ڪيائين تہ فلاڻو منهنجو خليفو جو خدا تعاليٰ جي خاص ٻانهن ۾ وڻڻ عارفن مان آهي توکي ڪپي تہ ان جي صحبت ۾ وڃي فيض حاصل ڪر، مريد عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪي امر فرمايو سو بر چشم آهي،پر هو ويچارو تہ پنهنجي پير جي رابطي ۾رسوگهو ورتل هو، سو ان خليفي ڏانهن ويوئي ڪونہ. ڪيتري مدت کان پوءِ پير ان کان پڇيو تہ خليفي وٽ ويو هئين ؟ مريد ويچارو ڳڻتي ۾ پئجي ويو تہ جي چوان ٿو تہ ڪونہ ويو هوس تہ پنهنجي مرشد جي حڪم کان بي فرماني ٿي پوندي ۽ جي چوان تہ ويو هوس تہ مرشد جي حضور ۾ ڪوڙ ٿي پوندو. نيٺ ان ويچار ۾ هي بيت پڙهيائين :

همہ شہر پر ز خوبان من در خيال ماہی
چکنم کہ چشم بدخو نکند بکس نگاہی

يعني: سارو ئي شهر محبوبن سان پريو پيو آهي، پر آئون تہ رڳو هڪڙي محبوب کي ڏسڻ لاءِ حيران آهيان ،ڇا ڪيان جو بد عادت اک ڪنهن ڏانهن نهاري ئي نٿي !

نقل12 : هيڪر پاڻ فرمايائون تہ جنهن عورت جو مڙس صاحب حسن جو هوندو، جو ان جهڙو ٻيو ڪو مٽ ماڻهو نہ هوندو ۽ اها عورت پنهنجي مڙس جي حسن کان چڱي طرح واقف ٿي ڪيس دل ڏئي ڇڏي هوندائين، تہ اها عورت وري ٻي ڪنهن بيگاني مڙس ڏانهن بلڪل نہ نهاريندي ۽ تہ سندس دل کي ٻي طرف خيال ئي ٿيندو جيئن تہ چوندا آهن تہ، عصمت زن جمال شوہر بود يعني: زال جي پاڪدامني

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مڙس جي حسن ساڻ ئي حاصل ٿي سگھندي.

پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اھڙي طرح جنھن مريد جو مرشد صاحب ڪمال جو ھوندو تہ اھو بہ ٻي ڪنھن پير ڏانھن التفات نہ ڪندو .

نقل13: قاضي محمد شفيع رھندڙ پراڻن ھالن جو نقل ڪري ٿو تہ جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ قاضي صاحب جي ڳالھ ڪرڻ کان پوءِ مونکي ياد پيو تہ ھيڪر قاضي صاحب ۽ آءٌ سفر ۾ گڏ ھئاسون، تہ اتفاقاً اتي خبر فرحت اثر ٻڌي سون تہ حضرت مرشد مڪرم قدس سرہ جن لاڙيچن مريدن جي دعوت ونڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا آھن، اھا دل ناريندڙ خبر ٻڌندي ئي وڏي خوشي مان جلد سندن استقبال ۾ روانا ٿياسون ۽ ٽنڊي قيصر فقير نظاماڻي جي ۾ اچي قدم بوسي جي شرف کان مشرف ٿياسون، پاڻ پنھنجي ڪريمي ۽ رحمت ساڻ مون مسڪين کي پاڪر پائي ڇڇ تائين بغلگيري کان مشرف ڪيائون ۽ قاضي محمد شفيع شوق ۽ بيقراري جي زيادتي ڪري بي اختيار پاڻ کي حضور پرنور جي پيرن تي اڇلائي وڏائين ۽ پنھنجي چھري کي سندن پيرن مبارڪن سان گسائين پي ۽ رنو بہ پي. پوءِ جڏھن مون فقير سان ملاقات ڪري چڪا، تڏھن وري ٻيا فقير ھڪ ٻي ڪِ ملاقي ٿيڻ لڳا پاڻ فرمايائون پي تہ اي فقيرو! گھڙي ڪن ترسو تہ ھڪڙو شخص اسان جي پيرن ۾ پيو آھي ، انھي سان ملاقات ڪري پوءِ ٿا اوھان سان ملاقي ٿيون ،پر فقير ڪٿي ٿا ٻڌن جيئن پتنگ بتيءَ تي ڪرندا آھن ، تيئن بي اختيار قاضي جي مٿان لتون ڏيئي اچي قدمبوسي پي حاصل ڪيائون، تڏھن مون خدمت سڳوري ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪو فقير پيرن مبارڪن ۾ پيو آھي،سو قاضي محمد شفيع آھي.تڏھن پاڻ فرمايائون پل تہ پيو ھجي ، تان تہ سيئي فقير ملاقي ٿي واندا ٿيا،تڏھن پاڻ ٻئي ھٿ مبارڪ قاضي جي ٻنھي بغلن کان ڏئي مٿي پي کنيائون ،پر قاضيءَ کي ڪا بہ خبر ڪانہ ھئي تان تہ مون کيس ڏاڍيان سڏ ڪري چيو تہ اي محمد شفيع! توکي سائين جن بغلن ۾ ھٿ وجھيون ٿا ڪٽن ، تڏھن ھوش ۾ آيو ۽ اڳي ملاقات جي شرف کان سعادت اندوز ٿيو.

نقل 14: ھيڪر پاڻ فرمايائون تہ جنھن مريد کي ذڪر فڪر جو گھٽو شوق ھوندو ۽ عبادت ۽ رياضت جي مشغولي ۾ بہ ڪٽي محڪم ھوندو. پر پنھنجي مرشد ڏانھن سندس ويساھ پورو ۽ ثابت قدم نہ ھوندو، تہ ان مريد کي ڪڏھن بہ فيض جو پاڳو نہ پھچي سگھندو، پر جي ڪو مريد سچي ويساھ ۽ محڪم عقيدي وارو ھوندو ۽ ذڪر فڪر ۾ قصور پيو ڪندو تہ اھو مريد نيٺ فيض ياب ٿي ويندو.

نقل15: ھيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ ڪو بادشاھ درياءَ جي ٻڪ سان لانگھائو ٿيو پي آيو، ڏنائين تہ ھڪڙي ميز بحر مچي ونڻ لاءِ ڇار درياءُ ۾ اڇلايو آھي، بادشاھ کيس چيو تہ مونکي بہ ھن شڪار ۾ پائيوار ڪندين؟ مھاڻي چيو تہ بلاشڪ! ايئن چئي ڇار بادشاھ جي ھٿ ۾ ڪٽي ڏنائين ،بادشاھ ڇار پنھنجي ھٿ سان اڇلايو درياءَ ۾ ، بادشاھ جي عالي بخت سان تمام گھٽي مچي ڇار ۾ ڦاسي پئي، مھاڻو عجب ۾پئجي ويو تہ ھن کان اڳ ڏاڍي مون کان بہ مڇيون بہ مس شڪار ٿيندیون

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آهن، پر هن مڙس تہ هڪڙي ئي واري سان ڪيتريون ئي مڇيون ماري رکيون اٿس، بادشاھ اھا سڀ مڇي مهاڻي کي ڏيئي چيائينس تہ سڀاڻي صبح سان بادشاھ جي دربار ۾ حاضر ٿجان، اتان نڪري بادشاھ پنهنجي جاءِ تي آيو ۽ دربانن کي سمجهائي ڇڏيائين تہ صبح مهل هڪڙو مهاڻو دروازي تي ايندو ان کي اسان جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ کان نہ روڪجو. مهاڻو صبح سان بادشاھ جي حضور ۾ حاضر ٿيو، بادشاھ کي ڏسي سڃاتائين ۽ حيران ٿي ويو تہ هي تہ اهو ساڳيو ئي شخص آهي جو ڪالهہ مون ساڻ مڇي ونڻ ۾ پائيوار ٿيو هو، بادشاھ کيس اٿي پاڪ پائي مليو، ۽ تخت تي پنهنجي پرسان ڪري ويهاريائينس بادشاھ جا امير وزير ۽ پيا متعلق ڪلئي حيران ٿي ويا تہ هي ڪير ماڻهو آهي؟ بادشاھ کين چيو تہ هي منهنجو اڌ پائيوار آهي، پوءِ پنهنجي سموري بادشاهي ، املاڪ ۽ اسباب مان اڌ ورهائي ان مهاڻي کي ڏيئي ڇڏيائين.

پاڻ نقل پورو ڪري فرمايائون تہ اهڙي طرح جيڪو شخص پنهنجي خواهش ۽ مرضي موجب عبادتي ڪمن ۾ مشغول آهي، اهو مثال انهي مهاڻي جي آهي، جنهن جو نصيب ڪل ئي ۾ ڪرڙيون هيون،پر جيڪڏهن ڪنهن بادشاھ يعني ڪامل عارف جي رابطي سان پنهنجي خواهش ۽ مرضي کي ڳنڍي ڇڏي ڪندو تہ ساڳئي مهاڻي وانگر بادشاهي جو مالڪ بڻجي ويندو.

نقل16: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙو شخص پنهنجي پٽ سميت هڪڙي هنڌان اڇي لنگهيو. جو اتي خلق جو انبوهہ تمام گهڻو هو ، پوءِ پنهنجي پٽ کي چيائين تہ اي بابا ! منهنجي دامن پنهنجي هٿان بلڪل نہ ڇڏج ،متان خلق جي گوڙ ۾ گم ٿي وڃين! پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اهڙي طرح ڪامل شخص جو رابطو ب پيءُ جي دامن مثال آهي سا جيڪڏهن طالب هٿان نہ ڇڏيندو تہ بيفائده خيالات جي گوڙ ۾ ڪڏهن ب گمراهہ نہ ٿيندو.

نقل17: عبدالله فقير ابڙو رهندڙ ديهہ جهڪيجيءَ جو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ موسيٰ ڪوري رهندڙ درگاهہ مبارڪ جي کي فرمايائون تہ اي ملا موسيٰ! تون اٽڪ ۾ مون کي ڏسندو آهين يا نہ ؟ هن ويچاري ڪمال محبت ۽ اندر جي اشتياق مان درد پرئي آواز سان عرض گذاريو تہ ،حضرتا! قربان ٿيان اٽڪ تہ ڇا پر تار تار ۾ اوهان کي ڏسان ٿو. ڪنهن ويچاري شاعر انهي ڏانهن اشارو ڪيو آهي :

در و ديوار من آئينہ شد از كثرت شوق
هر كجا مى نگرم روئے ترا مى بينم

يعني : در ديوار ، سيڪجهہ شوق جي زيادتي کان آئينا بڻجي پيا آهن ، جيڏانهن ٿو نظر ڪٽي نهاريان اوڏاهون تنهنجو منهن پيو ڏسان.

نقل 18 : گل فقير رهندڙ ديهہ ڪڙيئي جو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر مخدوم ابراهيم رحمۃ اللہ علیہ رهندڙ ڳوٺ نٽي جو ڪنهن مريد جي ، دعوت ونڻ لاءِ تلهار ۾ آيل هو . اتي حاجي عمر نالي ، جو حضرت مرشد مڪرم قدس سرہ جي سچن مريدن مان هو، رهندو هو، مخدوم ابراهيم کيس چيو تہ تون اهل علم

ماڻهو ٿي ڪري اهڙي جماعت ۾ وڃي داخل ٿيو آهين جو اوباشن جهڙا آهن ۽ اهل علم جو ڪوبہ ادب نہ رکندا آهن ، جيڪڏهن تون اسانجي سلسلي ۾ اچين تہ توکي بلڪل وڏي عزت ۽ تعظيم ڏيندا سون ۽ پنهنجي جماعت جو خليفو ڪنداسون.حاجي عمر جي دل واري بتي تہ انهيءَ ٻنهي جهانن جي سج چمڪندڙ جي محبت واري فانوس مان چمڪاٽ ڪري سندس سيني جي خلوتڪده کي روشن ڪري ڇڏيو هو.سو اهاڳالهہ ٻڌي وڏي درد سان ٽڏو ساهہ ڪٽي چيائين تہ "نعوذباالله من ذالك" الله تبارڪ وتعاليٰ شال پناهہ ڏيندو جو اسان جي مريدي جي دعويٰ انهيءَ گندي عورت کان بہ گهٽ ٿي وڃي جو رڳو بد ڪم ۽ فسق فجور لاءِ ڪنهن مرد سان دوستي رکندي آهي ، پوءِ جيستائين انهن ٻنهي ڇٽن جي ياراني مشهور معروف نہ ٿيندي آهي تيستائين پنهنجي پرائي کان پيو حجاب ٿيندو اٽن پر جڏهن سندس دوستي ۽ محبت جي ڳالهہ عام جام مشهور و معروف ٿي رهندي آهي ۽ سندس يار دل نواز جي محبت بابت ماڻهو طعنن مهٽن جا نيزا سندس ساهہ ۾ چپائيندا آهن تڏهن اهي طعنا ۽ مهٽا پاڻ سندس بي حجابي جو سبب ٿي پوندا آهن۽ پوءِ پنهنجو ڪليو ڪلايو پنهنجي يار جي محبت جو دم هٽڻ لڳندي آهي. جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي :

عشق تا خام ست باشد بستہ ناموس ونگ
پختہ مغزان جنون را کے حیا زنجیر پا ست

يعني :جيستائين عشق ڪچو هوندو تيستائين ناءُ ناموس جي هٿ ۾ گرفتار رهندو،پر جيڪي محبت جي چريائي جا پختہ مغز يعني تجربہ ڪار آهن تن جي پيرن کي حيا وارو زنجير ڪٽي ٿو روڪي سگهي.

پوءِ جڏهن ان گنديءَ رن جي محبت کي ايتري قدر سچائي آهي تہ پوءِ حضور پر نور مرشد معظم جي رابطي وارو ڏاڍو جو مون پنهنجي ساهہ جي گردن ۾ وڏو آهي سو ڇا ايترو ڪمزور ٿي ويندو ، جو اوهان جهڙن ڪاريندڙن جي نامعقول گفتگي سان نڪري پوندو. جن جي دفع ڪرڻ لاءِ طاقت پريو اوزار: "اعوذباالله من الشيطان الرجيم ۽ لاحول ولاقوة الا بالله العلي العظيم "ڪافي شافي آهي .

حالانڪ سندس محبت واري رستي ۾ نہ رڳو هن فقير جو ساهہ قربان ٿيل آهي، بلڪ هزارين هزار اهل شريعت۽طريقت جا سندن قرب واري ٻار مان سنگ ميڙيندڙ آهن ۽ لڪين ڪروڙين ڪمالين، حقيقت ۽ معرفت جا صاحب سندن اتحاد واري سج جي شعاع ۾ ذرڙن وانگر اڏامندا ٽا وتن، هينئر تہ توهان جو مون کي اهڙي بد صلاح ڏني آهي،تنهن ڪري اٽلندو ڇڙ ڇؤ تہ هاڻي کي هندوستان ياد ڏياري ڇڏيو اٽوَ،ائين چوڻ شرط کيس وجد ۽ حالت اچي ورتو،جڏهن سندن روڄ ۽ دانهن ڪوڪرن جو آواز ونڊي بلند ٿيو،تڏهن مخدوم توڙي ٻيا حاضرين مجلس پنهنجي نصيحت بدطينت کان ڏاڍا پشيمان ٿيا.

نقل 19:پاڻ فرمايائون تہ سيد ميان ناصر علي شاهہ جو اسان جي برادري جي قبيلي جو پير مرد هو ۽ شادي غمي جي ڏي وٺ سندس اختيار ۾ هوندي هئي ۽ ٻيا بہ پائپيءَ جا ڪم سڀئي سندس

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هٿ ۾ ڏنل هئا، سو اسان کان سلسلي عاليه ۾ داخل ٿيو ۽ اسان ڏانهن ايتري قدر ته ويساھ رکندو ھو جو چوندو ھو ته اسان جو مرشد قطب المدار آھي.پاڻ فرمائيندا ھئا ته ارادتمندي جي نهايت اها آھي.

نقل 20: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ ٽنڊي مير ڇام کان سوار ٿيا، ٽنڊي قيصر فقير نظاماڻي ڏانهن تشريف فرما پي ٿيا ۽ آئون سندس گھوڙي جي اڳيان ڊوڙندو پي آيس رستي هلندي ديدار فرحت آثار جي لذت کان آئون سندس منهن مبارڪ جي سامهون ٿي عرض ڪيم حضرتا! مرشد معظم جي رويت مبارڪ ۾ عجب نعمت آھي ، پاڻ خوش ٿي فرمايائون ته هائو بي مثال نعمت آھي پر مريد طالب کي ڪپي ته هن دولت جو قدر ۽ شڪر هٿان نه ڇڏي.

نقل 21: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر آئون درگاھ مبارڪ تي حاضر هوس ته هڪڙي ڪتي رهندڙ درگاھ مبارڪ جي وفات ڪئي، پاڻ سندس جنازي نماز تي تشريف فرما ٿيا ۽ نماز ادا ڪرڻ بعد فقيرن ڏانهن نهاري فرمايائون ته اي يارو! هن ڪتي جي جنازي دفن ڪرائڻ جي ڪم ڪار ۾ جو اسان جي ديھ جو رهاڪو آھي رفاقت ڪجو.پوءِ سندس جنازو شيخ طيب رحمۃ اللہ علیہ واري مقام مبارڪ ۾ جو درگاھ شريف کان ڇھن ڪوھن جي پنڌ تي آھي ڪٽي هليا.فقيرن جي جماعت مان ٻيو ڪو به سندن فرمان عالي جي متابعت ڪري جنازي سان گڏ ڪو نه هليو، مگر مون عاجز جو سندن حڪم کي پنهنجو مقصد ۽ مطلوب ٻنهي جهانن جو سمجهندو آھيان، جنازي سان گڏيو هليو ويس ٻيا به يارنهن ڇٽا کي ان ڪتي جا مائٽ ۽ کي درگاھ مبارڪ جي ديھ جا ٻيا کي ماڻهو واري واري سان جنازي کي ڪٽندا اچي مقام وٽ پهتاسون ۽ دفن ڪرڻ جي ڪم کان واندا ٿي وري انهي ئي ڏينهن سانجهي جو حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿيس.

جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته منهنجي اصلي طبعي رسم هوندي هئي ته جيڪڏهن حضور مبارڪ ۾ ذوق شوق جي مجلس قائم هوندي هئي يا مثنوي شريف جي تلاوت يا ٻي وعظ نصيحت جي محفل گرم هوندي هئي ته به آئون انهي طلب جي وچ ۾ ڪاڻين ڪٽڻ يا ڪانن ڪکن ڊوئڻ يا گاري گچ جو ڪم ڪندو هوس ۽ انهي ڪم کي نعمت عظميٰ سمجهي صحبت کي ڇڏي خدمت ۾ مشغول ٿيندو هوس.

نقل 22: پاڻ فرمايائون ته مريد کي پنهنجي مرشد سان اهڙو ته رابطو محڪم ڪرڻ ڪپي ۽ همت ۽ استعداد پيدا ڪرڻ گهرجيس جو سندس ظاهري شڪل ۽ صورت به پير جي صورت جهڙي ٿي وڃي. جيئن ته هڪڙو شخص خواجه عبيد الله احرار قدس سرہ جو مريد هو ، جنهن جي صورت خواجه صاحب جي صورت سان مشابه هوندي هئي،پوءِ جڏهن حضرت خواجه قدس سرہ هن دنيا مان رحلت فرمايائون انهيءَ مريد جي شڪل متجي عين صورت خواجه صاحب قدس سرہ جي ٿي وئي.

ڪنهن شخص ڪهڙو نه چڱو چيو آھي:

تو من شدی من تو شدم تو جان شدی من تن شدم
تا کس نگوید بعد زیں تو دیگری من دیگرم

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يعني: تون عين منهنجو عين بٽجي وئين ۽ آئون عين تنهنجو ٿي ويس ، تون ساھ آھين تہ آئون جسي جو مثال آھيان ، يعني تو ن منهنجي رڳ رڳ ۾ پيهي ويو آھين پوءِ هن کان پوءِ کوبہ هيئن ڪونہ چوندو تہ تون پيو آھين ۽ آئون ڪو پيو آھيان.

نقل23: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙن بن عالمن جي پاڻ ۾ دوستي ۽ محبت جي وات هوندي هئي ، انهن مان هڪڙو درويش ۽ طالب الله تعاليٰ جل شانہ جو هو،جو اهو مرشد وڌان طريقي ۾ مشغول ٿيو هو . باقي پيو رڳو ظاهر علم سان مشغول هوندو هو ، هڪڙي ڏينهن گفتگو ڪندي انهيءَ عالم فقير کان پڇيو تہ تون امام اعظم ابوحنيفہ رضي الله عنه کي پنهنجي مرشد کان وڌيڪ پلوسمجهندو آھين يا پنهنجي مرشد کي امام صاحب رضي الله عنه کان وڌيڪ ٿو ڄاڻين ؟ هن جواب ڏنو تہ آئون پنهنجي پير کي امام صاحب رضي الله عنه کان پاڻ لاءِ وڌيڪ ٿو سمجهان. تنهن تي هو عالم ڏاڍو ڪاوڙجي ويو ۽ ڪيس جهٽڪ تنبيہ بالڪل گهٽي ڪري هڪ پي کان جدا ٿي اٽيا هليا ويا ،گڇ وقت کان پوءِ وري ٻنهي جي دل ۾ اچي خيال ٿيو تہ جيڪر هڪ پي کي راضي ڪيون پوءِ جڏهن پاڻ ۾ ملاقي ٿيا ۽ گذريل رنجش بابت هڪ پي کان معافي ونڻي راضي ٿي ويا. تڏهن ان وقت وري عالم فقير پڇيو تہ تون پنهنجي پير کي حضرت امام رضي الله عنه کان ڪهڙي سبب ڪري وڌيڪ سمجهندو آھين ؟ فقير چيو تہ ايترا سارا ورهيہ گذري ويا آھن جو مون حضرت امام رضي الله عنه جو مذهب اختيارڪيو آھي تہ ہ منهنجي عادتن رذيلن مان ڪو ذرو ڪونہ مٽيو ستيو. پر پنهنجي پير جي بيعت ۽ صحبت ڪئي ڪو ٿورڙو ئي وقت گذريو تہ ايتريون مَنيون (خراب) عادتون منهنجون سنوار جي چڱي خصلتن سان مٽجي ويون آھن .

نقل24 : هيڪر پاڻ فرمايائون مرشد ڪامل جي ظاهري صورت حضرت يوسف عليٰ نبينا وعليہ الصلوات والسلام جي پهراڻ مثال آھي. جنهن جي وسيلي حضرت يعقوب عليٰ نبينا وعليہ الصلوات السلام کي اکين تي وجهڻ سان بصارت حاصل ٿي پئي هئي،پر شرط آھي مريد کي پنهنجي مرشد سان ارادت صداقت ۽ محبت جو اهڙو ئي حال هجي جهڙوڪ حضرت يعقوب عليہ السلام جو حضرت يوسف عليہ السلام جي عشق ۾ هو تہ پوءِ مرشد جي صورت ان لاءِ ساڳي قميص جي مثال آھي جو جڏهن ڪمال محبت ۽ شوق سان ان کي دل وارين اکين تي رکندو تہ اندر جي بصارت ڪلئي ڪيس حاصل ٿي ويندي ،پوءِ هيئن چوندو ،جئين ڪنهن بزرگ چيو آھي :

بہر چہ می نگرم صورت تو می بينم
ہر آنچہ در نظرم جملگی تو می آئی

يعني : جنهن ہ شيءِ ۾ ڪٽي ٿو نهاريان تہ تنهنجي ئي تنهنجي صورت پيو ٿو ڏسان ، منهنجي تہ نظر ۾ رڳو تون ئي تون ٿو نظر اچين .

نقل 25 : هيڪر پاڻ فرمايائون تہ دوستي ۽ محبت جي لا ۽ ڪي شرط آھن، جي اهي نہ لبندا تہ دوستي ۽ محبت جي دعويٰ ہ ٻٽاڪ ۽ ڪوڙي دعويٰ ڇئبي. پهريون هي تہ عاشق پنهنجي محبوب کي سيني

صفتن ۾ اهڙو ڪري سمجهي ،جو پائئي تہ سندس مٺ پيو ڪوبہ ڪونہ آهي نہ وري انهن سهٹين صفتن ۾ ساٹس ڪو برابري جي دعويٰ ڪري سگهندو ! پيو تہ پي ڪنهن بہ شيءِ کي محبوب واري قرب ۽ محبت ۾ پائيوار ۽ شريڪ نہ ڪري ، ٽيون تہ ان جي دوستن سان دوستي رکي ۽ چوٹون تہ ان جي دشمن کي دشمن ڪري ڇاٹي . جيڪو انهن ڇئن شرطن مان هڪ شرط بہ بجاءِ نہ آٹيندو تہ سندس محبت جو دم پرڙ بالڪل ڪوڙو ۽ باطل رهندو.

نقل26 : خليفو سيد نالي منو رهندڙ ڪوڏي واقع پر ڳٹي ونگن جو نقل ڪري ٹو تہ هيڪر سو مهياٹي جي وقت حضور جن جي خدمت ۾ موڪل لاءِ عرض ڪيم . پاڻ رخصت عطا فرمايائون ۽ موڪلائڻ مهل ارشاد فرمايائون تہ جيڪڏهن اسان جي صحبت کان غائب هجو تہ پوءِ سمهڻ مهل هڪ پي سان اسانجون ڳالهيون ٻولهيون ڪري پوءِ سمهندا ڪيو تہ پوءِ گويا اسانجي حاضر مجلس جماعتن مان هوندؤ.

اي عزيز!سندن مٹيون فرمودو مبارڪ هن حديث شريف سان موافق آهي جو فرمايو اٹن تہ "من احب شيئا اكثر ذكره" يعني جنهن شخص جو جنهن شيءِ سان پيار گهٹو هوندو تہ هو گهٹو ڪري ڳالهه ٻولهه بہ انهي جي ئي ڪندو رهندو. پوءِ اهڙن ئي محبت وارن لاءِ بشارت آيل آهي تہ "المرءُ مع من احب"يعني سيڪو شخص انهيءَ سان گڏ هوندو جنهن سان دلي پيار هوندو.

نقل 27:عبدالله فقير ابڙو رهندڙ ديهہ جهڪيجي واقع پرڳٹي امام واهہ جو نقل ڪري ٹو تہ پاڻ جڏهن پوئين سفر تان موٹيا درگاهہ مبارڪ تي پي آيا تڏهن وات تي ڪجهہ ناچاڪائي جو اثر لاحق حال ٹي پيو هون ،جنهن ڪري ضعف جي حالت زياده ٹي پئي هئي ۽ انهيءَ ضعف ڪري فقير کين ڪٹ تي ڪنيون پي آيا ۽ جماعت مان ڪي فقير روئي رهيا هئا، پاڻ پڇيائون تہ اهي روئڻ وارا ڪهڙا آهن ؟ عرض ڪيائون تہ حضرتا! هڪڙو جعفر پيو جيئندو فقير آهي.پاڻ فرمايائون تہ هنن ويچارن کي هاڻ نئين مان روئڻ ڇڏيو آهي.

نقل 28: غلام محمد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٹو تہ هيڪر پاڻ هن عاجز جي گهر زيارت ڪرائڻ لاءِ تشريف فرما ٹيا، ان وقت منهنجو نينگر محمد حسن نالي گهر ۾ حاضر نہ هو،جڏهن پاڻ اٹيا تڏهن محمد حسن اچي نڪتو مون کيس پانهن مان ونڻي طريقي عالي ۾ داخل ڪرڻ يعني ذڪر ونڻ لاءِ حضور مبارڪ ۾ اچي حاضر ڪيومانس پاڻ کيس پنهنجي نزديڪ ويهاري تلقين جي لاءِ تيار ٹيا، ان وقت نينگر باراڻي عادت موجب پنهنجو منهن هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائڻ ۽ نهارڻ لڳو پاڻ دل حاضر ڪرائڻ لاءِ پنهنجن هٹن مبارڪن سان ڪن مان جهلي تلقين فرمايائون، پوءِ جڏهن اهو نينگر وڏو ٹيو تڏهن سندس شادي جي نسبت پنهنجي برادري ۾،جي اهي مڙئي حضرات نقشبنديين جا مريد هئا، ڪرائيسون. انهن هڪڙي پيري کيس چيو تہ تون بہ اسان جي مرشدن جي طريقي ۾ داخل ٹي سندن مريد ٹي پوءِان تي نينگر کي ڏاڍي چڙ لڳي ۽ چيائين تہ اجان حضور جن جو ڪن پڪڙڻ مون کان وسريو ئي ناهي جو پنهنجن هٹن مبارڪن سان مونکي ڪن مان ورتو هئائون ، سو آئون پين جو مريد ڪٹي ٹي سگهندس ائين چئي ڪاوڙ

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

کان گهر ڇڏيو هليو ويو.

اي عزيز! انهي ڳالهه جي موافق بزرگ محمد عارف ٽيبي جو نقل ۾ شاهد حال آهي جو ان بزرگ کان زباني منقول آهي ته جڏهن آئون ننڍي ڄمار جو هوس تڏهن پنهنجن مائٽن جي واتان جي جناب شاهه عبداللطيف ڀٽائي قدس سره جا مريد هئا. جناب شاهه صاحب جي واکاڻ ۾ تعريف گهٽي کان گهٽي ٻڌندو هوس ۾ سندن ڪرامتن ۾ ساراهه جون ڳالهيون حد کان وڌيڪ ڪندا هئا پوءِ اهي ڳالهيون ٻڌي آئون ڇوڪرائپ ڪري سمجهندو هوس ته جناب شاهه صاحب جن کي وڏا ماڻهو ۾ ڪائي بي مثال وڏي شيءِ هوندا. پوءِ هيڪر پاڻ اسان جي ڳوٺ تشريف فرما ٿيا هئا ۾ سيڪو شخص خوشيءَ مان کلندو، ڊوڙندو ويجي پيوخدمت ۾ حاضر پيو ٿئي.پوءِ آءُ به پنهنجي پيءُ سان گڏجي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس.۾ ننڍڙائپ ڪري ۾ ٻاراڻي ڪم حوصلگي پاران پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳس ته اي بابا! توهان شاهه صاحب جن جي ايتري قدر واکاڻ ۾ ساراهه ڪندا هيو، پر هي به ته ماڻهو آهن ، پي ته ڪابه شيءِ ناهن ، شاهه صاحب جن منهنجي انهي ٻاراڻي ڳالهه کان مرکي ۾ فرمايائون ته اي ڇوڪرا! آئون ماڻهو آهيان ؟ مون جواب ڏنو ته هائو سائين ، اوهان ماڻهو آهيو. پاڻ فرمايائون ته هيئنر مونکي خوب طرح ڏسي ڇڏ جو جيئن ٻي هنڌ مونکي ڏسين ته سجاڻي ونين. مون چيو ته ڇڪي طرح ڏسي ڇڏيم .اوهان کي جڏي ڏسندس سجاڻي ويندس . پو ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ جناب شاهه صاحب قدس سره هن دنيا فانيءَ مان رحلت فرمائي ويا.جڏهن مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه منهنجي ماروٽ سان نڪاح ڪرڻ فرمايائون. تڏهن اسانجي مائٽن ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا، ان وقت فقيرن جي جماعت سندن خدمت ۾ مٽي ۽ پيرين اگهاڙي جوش وخروش سان روڄ راڙي ۾ هوندا هئا ۽ آئون به سندن جماعت ۾ وڃي داخل ٿيندو هوس ۽ مخدوم صاحب جن به ڏاڍو قرب ۽ توجه مون مسڪين جي حال سان روا رکندا هئا جو به ٻه ٽي ٽي مهينا پاڻ کان جدا نه ڇڏيندا هئا تڏهن به سندن رابطي جو ڪو اثر منهنجي دل ۾ جائگير نه ٿي سگهيو .پر جڏهن به ڪجهه اندر ۾ مخدوم صاحب جن جي رابطي جو اثر پهتو ٿي ته هڪ دم حضرت شاهه صاحب قدس سره جي صورت جو غلبو ٿي ويو ٿي ۽ پهرين رابطي کان پير ٻاهر نه پي ڇڏيائين.

نقل 29: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته هڪڙي شخص پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ عرض گذاريو ته حضرتا! جڏهن اوهان کي الله تبارک وتعاليٰ جل شانه جو حضور حاصل ٿئي ان وقت هن عاجز کي به ياد فرمائڻ جي عنايت ڪندا .مرشد سندس جواب ۾ فرمايو ته اهو اهڙو وقت آهي جو اتي پنهنجو وجود به ڪو نه ٿو رهي پوءِ جنهن هنڌ مون کي پنهنجو وجودئي ڪونه رهندو، اتي تون وري ڪٿان ياد پوندينم. پر تون انهي وقت جو فيض طلب ڪر. مريد عرض ڪيو ته حضرتا! انهيءَ وقت وارو فيض ڪهڙي طرح نصيب حال ٿيندم؟ بزرگ فرمايس ته انهيءَ مهل پنهنجي دل سان اسان ڏانهن متوجه رهه ته اهو فيض خود بخود توتي پرٽ ڪندو.

آگم ڪيو اچن سڄڻ ساوڻ مينهن جان،
پاسي تن وسن جي سپ ڄماندر سُکيون.

سکندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

پر جي ان وقت تون منهنجي اندر ۾ ايندين تہ پوءِ انهيءَ وقت کان وڌيڪ مون لاءِ پيو کو بچڑو ۽ خراب وقت کو نہ هوندو.

نقل 30: عبدالله فقير ابڑو رهندڙ ديهہ جهڪيجي جو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ قلات جي سفر تي پي اسريا، آئل فقير جو هميشہ سفر ۾ حضور جن سان همرڪاب هوندو هو. تنهن کي البت سفر ۾ هلڻ جو خيال کو نہ هو، پوءِ جڏهن پاڻ سوار ٿي روانا ٿيا، تڏهن اهو فقير پوئتان بيهي نهارڻ لڳو، جڏهن سندس نظر کان گهوڙا غائب ٿي ويا، تڏهن فقير کي اچي جوش ورتو ۽ بي اختيار روئي وڻي پوئتان پڳو،درياءَ جي پتڻ تي حضور مبارڪ ۾حاضر ٿي بغلگيري جي شرف کان اچي مشرف ٿيو ۽ بغلگيري ڪندي هي بيت عرض رکيائين:

داغ تنهنجو داڙا جيري مٿي جن
تون ڪيئن مٽان تن، چنيسر چت ڪٽين

پاڻ پنهنجي مني زبان سان فرمايائونس تہ اي يار! اسين اوهان تي هونئن ئي راضي آهيون، جي هٽڙي پيا رهو تہ بہ چگو، جيڪڏهن سفر جي قوت ساري سگهو ۽ اسان سان گڏ هجو تہ بہ چگو.

نقل 31: خليفو ميان اميد علي ، محمد حسين فقير نظاماڻي نواب قلعي سبزل کان نقل ڪري ٿو تہ محمد حسين چيو تہ هڪڙي رات ڪنهن رستي کان پي آياسون ، سانجهي نماز هڪڙي هنڌ ادا ڪري واڻ سان هلندي سواري تي ذڪر ڪندا پي آيا سون تہ ايتري ۾ هڪڙو فقير جو پير سائين جن جو مريد هو پيلي مان ڊوڙندو اسان وٽ آيو ۽ ڪجهہ ڪير بہ جو پاڻ سان آندو هئائين، اسان کي اچي پياريائين ۽ چيائين تہ آئون اوهان جو ذڪر بڌي بيقرار ٿي اوهان وٽ ڊوڙندو آيو آهيان.محمد حسين ٿو چوي تہ پوءِ اها ڳالهہ سندن حضور مبارڪ ۾ عرض گذار ڪئي سون، پاڻ جوب ۾ فرمايائون تہ نسبت واري مريد جي نشاني اها آهي جو جٽي بہ پنهنجي هم مرشد مريد کي ڏسندو تہ سندس دل ڇڪجي ويندي.

نقل32: هڪڙي معتبر راوي کان منقول آهي ان چيو تہ هيڪر مون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! قرآن شريف جو هڪڙو سيپارو پڙهيو اٿم، چوان ٿو تہ جيڪر اڳتي پڙهان. پاڻ فرمايائون تہ قرآن شريف گهٽو ئي پڙهيئي توکي کپي تہ رابطي ڏانهن پنهنجي دل رجوع ڪر.

نقل 33: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ مريد جيڪڏهن پنهنجي مرشد کي پنهنجي ويساه ۾ ولي ڪامل ڪري ڄاڻندو تہ پاڻ بہ ڪمالیت کي پهچي ويندو ۽ جيڪڏهن مرشد کي مڪمل ڪري سمجهندو تہ تہ پاڻ بہ مڪمليت جي درجي کي پهچندو ۽ جيڪڏهن مرشد کي مربي ڪري ڄاڻندو تہ پاڻ بہ مربيت جي درجو ماڻيندو مطلب تہ مرشد کي جهڙي بہ اعتقاد سان دل جو منهن سامهون رکندو تہ پاڻ بہ اهوئي ٿي پوندو پر اهو عقيدو پنهنجي دل اندر لحاظ ۾ رکي زبان تي نہ آڻڻ گهرجيس ۽ شريعت جي حد کان تجاوز نہ ڪرڻ کپيس.

نقل 34 : هڪڙي پرده نشين عورت قوم نظاماڻي فقير جي رهندڙ سالاري جي نقل ٿي ڪري

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تہ، هيڪر پاڻ اسانجي ديهہ ۾ تشريف فرماڻيا هئا. پوءِ جڏهن زيارت ڪرڻ لاءِ اندر حاويلي ۾ آيا،تڏهن اتي هڪڙي عورت سندس خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! دعا ڪيو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ حاصل ٿئي . پاڻ مون ڏانهن اشارو ڪري فرمايائون تہ فلاڻي مائي ڪان پڇو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ ڪٿي آهي؟ مائي چوي ٿي تہ مون عرض ڪيو تہ مون سائين جن ڪان سواءِ اڳ ڪونہ ڏٺو. پاڻ فرمايائون تہ اسان وري پنهنجن مربين ڪان سواءِ اڳ ڪونہ ڏٺوسون. تڏهن مون عرض ڪيو تہ ڪن ڪن وقتن ۾ اوهان کي ب ڪونہ ٿي ڏٺسان.

پاڻ فرمايائون تہ ڪجهہ سمنڊ جي ڇيڙ نظر ۾ اچئي ٿي؟ مون عرض ڪيو تہ حضرتا! سمنڊ جي ڇيڙ اهو ڏسندو جيڪو جهاز ۾ چڙهيل هوندو،جهازي گم ٿي ويو تہ پوءِ ڪير هوندو جو ڏسي سگهندو. پاڻ فرمايائون تہ سچ چيئي ، پوءِ هي بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي قدس سره جو فرمايائون:

ٽبي ڏيئي تار ۾، وڃان جان پيهي
نڪي مُلڪ نڪي فلڪ نڪي اسين ئي
اسين ڳوليون جنهن کي، اسين پڻ سي ئي
وائي اي پيئي تہ هيڪو ئي هيڪ ٽيا

پاڻ فرمايائون تہ گهوڙي جي واڳ سوگهي جهلجانءِ جو اتان گهٽائي پوئتي موٽي ويا آهن، مون وري عرض گذاريو تہ حضرتا! آئون اتي نہ پڙهڻ سان وئي آهيان نہ ٻڌڻ سان ،منهنجي گهوڙي جي واڳ اوهان جي هٿن ۾ آهي. پوءِ وري پاڻ هي بيت فرمايائون:

ڪنڊي ڪلين وچ ۾، جوڙي هنئين جن
تهان پوءِ تن پرين، ڪيڏ واري ڪانہ ڪئي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل چوٿون
مرشد جي مريد سان دوستي بابت

نقل 1: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته پاڻ ڪيترن ئي ڪمن ۾ گهڻا ڀيرا مون سان صلاح ۽ مصلحت ڪري هڪڙي ڳالهه تي اتفاق ڪندا هئا ۽ ان ڪانپوءِ هي مصرعو زبان مبارڪ سان فرمائيندا هئا:

دو دل يک شوند بشکنند کوه را

يعني : ٻه دليون اتفاق ڪري هڪ ٿي پونديون ته جبل کي به ڏاري وجهنديون.

نقل 2: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر مون سندن خدمت فيض درجت ۾ موڪل لاءِ عرض گذاريو. پاڻ جواب ۾ مثال بيان فرمايائون ته هڪڙي پير کي پنهنجي ڪنهن مريد سان تمام قرب ۽ دل جي يڪجهتي هوندي هئي، پوءِ جڏهن اهو مريد پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو تڏهن پير روئي ڏيندو هو. پر جڏهن اهو مريد پنهنجي پير پلاري کان موڪل گهرندو هو تڏهن سندس پير ڏاڍو فرحتناڪ ۽ خوش دل ٿيندو هو. هيڪر ان مريد پنهنجي مرشد کان انهي روڄ ۽ خوشي جو سبب پڇيو ؟ پوءِ سندس پير جواب ڏنو ته يار ! جنهن مهل تون ايندو آهين ان وقت تنهنجو وڇڙ ياد پوندو اٿم. تنهن ڪري روئي ڏيندو آهيان، پر جڏهن موڪل گهرندو آهين تڏهن وري تنهنجي موٽڻ جو وقت ياد ايندو اٿم تنهن ڪري خوش ٿيندو آهيان .

نقل 3: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ وار مبارڪ جي زيارت لاءِ روهڙي شريف ڏانهن هلڻ جو ارادو فرمايائون آئون به ان وقت حضور ۾ حاضر هوس . پاڻ مونکي فرمايائون ته تون به اسان سان گڏ هل. مون عرض ڪيو ته حضرتا! آئون ڪڏهن به زيارت مبارڪ لاءِ ڪونه ويو آهيان، هينئر اوهان جي ارشاد موجب رڪيب سان گڏ آهيان. اڄ حضرت نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي هجرت کي تيرنهين صدي گذري رهي آهي ته حضرت سرور ڪائنات صلی اللہ علیہ وسلم جن رويت مبارڪ حاصل ڪرڻ کانسواءِ رڳو حضور جن جي رويت مبارڪ سان ايمان آندو اٿم . پوءِ پاڻ جڏهن روهڙيءَ تشريف فرما ٿيا، تڏهن زيارت جي وقت پاڻ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ ورتائون خلق جو وڏو انبوهه هو. گوڙ جي ڪري صاحبزادو والاتبار ميان محمد حسين شاهه رحمۃ اللہ علیہ تمام اچي تنگ ٿيا. مون صاحبزادو سڳورو ڪٽي هنج ڪنيو. اجرڪ جو ڪپڙو جو منهنجي ڪلهن تي هو اڪثر اهو ڪلهي کان سرڪيو،ماٿهن هينان پيو اچي وڃي ، مون دل چيو ته جيڪڏهن اهو اجرڪ اهڙي طرح سلامت منهنجي هٿ ۾ رهيو ته هن وقت وار مبارڪ جي اڳيان نذراني طور پيش ڪري ڏيندس پوءِ صاحبزادو ٻي هڪ فقير کي ڪٽي ڏنم حضور جن مون مسڪين جو هٿ ونڊي زيارت لاءِ پنهنجي پرسان ڪٽي ٻيهاريائون.زيارت جي شرف حاصل ڪرڻ بعد اهو اجرڪ اتي نذر طور پيش ڪيو ويو.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل پنجون
مرشد جو مريد کان آزمائش ونڻ بابت

نقل 1: حافظ زين الدين رحمۃ اللہ علیہ جو حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن جي ڪاملن مريدن مان هيو ، سو ڳالهه ڪري ٻوتو هيڪر حضرت ميان صاحب جن قدس سرہ سان گڏ ڪهڙن جي ڳوٺ ڏانهن ويو هوس . واٽ تي هچاري ڪنب مان سيٺاهن تي تري لنگهي وياسون .پوءِ جڏهن اتان ٽي موتي درگاهه مبارڪ ڏانهن مراجعت فرمايائون . تڏهن وري به ان ڪنب مان سيٺاهن تي ترندا پي آياسون جڏهن وچ ۾ آياسون .تڏهن پاڻ فرمايائون تہ اي حافظ ! اسانجي سيٺاهه جي ڳنڍ ڪلي پئي آهي تنهنڪري پنهنجي سيٺاهه ڪيڊي مونکي ڏي. مون سندن ويجهو وڃي عرض ڪيم تہ حضرتا! اچو تہ ٻئي ڇٽا هن هڪڙي سيٺاهه تي ترندا هلون . ڇو تہ سيٺاهه بالڪل مضبوط آهي پاڻ فرمايائون تہ بس اسان پنهنجي سيٺاهه محڪم ڪري ورتي آهي. ڪنهن مدت ڪانپوءِ معلوم ٿيو تہ اهو سندن فرمائڻ امتحان لاءِ هو پر مونکان ڪجهہ نہ ٿي سگهيو.

نقل 2: وري به ساڳيو حافظ صاحب نقل ڪري ٻو تہ هيڪر حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن جي خدمت اقدس ۾ وينا هئا سون تہ صاحبزادو سڳورو جو حضرت مرشد مربي روضي ڌڻي قدس سرہ ڪان وڏو ۽ سندس همنام هو سو جهولي ۾ پير وجهيو اچي حضور مبارڪ ۾ سامهون بيٺو. حضرت ميان صاحب جن منهنجي آزمائش لاءِ صاحبزادي سڳوري کي ڪاوڙ سان فرمايائون پير اڇلائي ڇڏ. ٽي ڀيرا فرمايائونس مگر صاحبزادي پير نہ اڇلايا ۽ عاجزي ۽ نياز جي اکين سان ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ مونکي فرمايائون تہ حافظ پير وٺ . آئون به ڀيرا ادب ۾ رهيس. ٽئين ڀيري جوش سان فرمايائون تہ نينگر کان پير وٺي ڇڏ. تڏهن مون اٽي صاحبزادي سڳوري کان پير وٺي ڇڏيا. پر انهي بي ادبي کان اڄ ڏينهن تائين شرمندائي ڪري ڪنڌ مٽي نہ ٿو ڪٽي سگهان. مناسب ائين هو تہ امر هوندي به ادب جي واڳ هٿان نہ ڇڏيان ها. ڇو تہ صاحبزادو سڳورو به تہ سائين جن جو جزو هو.

نقل 3: يعقوب فقير ذات جودل نقل ڪري ٻوتہ هيڪر پاڻ سومهياڻي نماز کان پوءِ مسجد شريف ۾ وينا هئا ۽ ڪن مجذوب سالڪن جي جماعت به حضور ۾ آڏو حاضر هئي ، پاڻ انهن ڏانهن خطاب ڪري فرمايائون تہ اي فقيرؤ ! توهان اسان کانسواءِ ٻي ڪنهن جي به متابعت نہ ڪجو .حاجي مينهن فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! اسين اوهان جي ذات اقدس کانسواءِ ٻي ڪنهن کي سجاڻون به ڪونہ .پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن آئون ڪنهن جو تابع ٿي پوان تہ اوهان به ٿيندؤ يا نہ؟ فقير مٽئين عرض ڪيو تہ اسين تابع ڪونہ ٿيندا سون. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن آئون حڪم ڪيان تہ پوءِ ؟ فقير مٽين عرض گذاريو تہ جيڪڏهن سائين جن امر فرمائيندا تہ حڪم موجب ڪافر کي به سجدو ڪنداسون.

سڪندريه پبليڪشنز ، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

باب ڇهون

هن ۾ پنج فصل آهن:

فصل پهريون
دنيا ۽ دنيا جي طالبن جي مذمت بابت

نقل 1: هيڪر پاڻ صحبت جي وقت بيان فرمايائون تہ ڪو ڪفارن جو ملڪ هو تنهن ۾ اصل ڪان رسم هوندي هئي تہ جيڪو ماڻهو منجهان مري ويندو هو تہ ان ميت کي نوان ڪپڙا پارائي هڪڙي جاءِ ۾ جا خاص ڪري مُردن لاءِ تيار ڪئي وئي هئي وڃي ويهاري ايندا هئا ۽ انهن مردن واري جاءِ جي پرسان ٻي هڪڙي جاءِ بہ ٺهرايل هئي سا وري هن لاءِ تہ جڏهن ڪو شخص نئين شادي ڪندو هو تہ پنهنجي رسم موجب ڪنوارڪي لٺا ڪپڙا پارائي سينگاري انهيءَ جاءِ ۾ وهاري ايندا هئا ۽ گهوٽ کي رات جي وقت انهي جاءِ جي ويجهڑائي ۾ وٺي روانو ڪري ڇڏيندا هئا. اتفاقاً هڪڙي ڀيري ڪنهن شخص شادي پي ڪئي ۽ پنهنجي دستور موجب ڪنوار کي انهي ۽ جاءِ ۾رويهاري آيا. جڏهن رات ٿي تڏهن مڙس کي انهيءِ جاءِ ڏانهن روانو ڪيائون. پر اهو گهوٽ ڪو انهي ڏينهن شراب ۾ پر ٿي بدمست ۽ بي خبر ٿي پيو هو، وري مٿان رات جي اونداهي بہ ڏاڍي هئي سو نشي ۾ ڪنوار واري جاءِ جو رستو پلي مردن جي جاءِ ۾ وڃي نڪتو . انهي ڏينهن کان اڳيرو ڪا ڪراڙي زال مري وئي هئي تنهن کي بہ ڪپڙا نوان پارائي اتي ويهاري ويا هئا . هن بد مست نشي ۾ ڇاتو تہ اها منهنجي نئين ڪنوار آهي سو ان کي ڏسي ساري رات صحبت ۾ مشغول رهيو ۽ انهي ڏونڊ جي گندگي ۽ ڪن سان سندس ساروئي بت غليظ ٿي پيو، جڏهن ڏينهن ٿيو ۽ نشو لٿس تڏهن اڃا ڪٽي نهاري ڏسي تہ مار! هي تہ ڪنوار نہ آهي ڪنهن ڪراڙي زال جو ڏونڊ آهي جنهن سان پنهنجا ڪپڙا لٺا ۽ بت سڄو ڪن ڪري ڇڏيو اٿم ، اهو حال ڏسي ڏاڍو خوار خراب ۽ پشيمان ٿيو، ۽ اهڙو بد حال ٿيو جو پاڻ مان پاڻ کي پئي قي اچيس.

پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اهڙي طرح هي جهان بہ اونداهي رات جي مثال آهي ۽ ڪنوار مان مراد آهي معرفت حق تعاليٰ جل شانہ جي ۽ ڪراڙي عورت جي ڏونڊ مان مقصود آهي دنيا. جيئن تہ حديث شريف ۾ وارد ٿيل آهي تہ : اَلدُّنْيَا جِيْفَة وَطَالِبُهَا كِلَاب" يعني تہ دنيا آهي ڏونڊ ۽ ان جو طالب آهن ڪتا. پوءِ جن شخصن کي دنيا جي دوستي جو نشو مٿي ۾ وينل هوندو سي انهي بد مست گهوٽ وانگر ڪنوار يعني معرفت الٰهي ۽ بيڪار رن جي ڏونڊ يعني دنيا ۾ سنڌو نہ ڪري سگهندا . پر هن گندي ڏونڊ جي گندگي ۽ ڪن جي سڌ تڏهن پوندن جڏهن قيامت واري سوجهري هيٺ پنهنجو پاڻ گند ساڻ آلودو

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڏسندا.

دنیا آن قدر ندارد کہ برو رشک برند
باوجود عدمش را غم بیہودہ برند

يعني : دنيا جو قدر ايترو ڪٽي آهي جو ان لاءِ ڪنهن ٻي تي ريس ڪجي يا وري ان جي هجڻ يا نہ هجڻ ڪري بيهودو ڏک ڪجي .

نقل 2 : هيڪر پاڻ جماعت ساڻ وينا هئا پوءِ حاضر مجلس ماٺهن ڏانهن نظر فرمائي، هي حديث شريف پڙهيائون: اَلدُّنْيَا جِيْفَة وَطَالِبُهَا كِلَاب يعني دنيا ڏونڊ آهي ۽ ان جا طالب آهن ڪتا. پوءِ پاڻ جماعت کان پڇيائون تہ ڏونڊ کي تہ ٻيا حيوان ۽ پرندا يعني ڳجهون،سرٽيون،ڪانوَ وغيره بہ ڪائن ٿا، تڏهن بہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن دنيا جي طالبن کي خاص ڪتن سان نسبت ڏنائون نہ ٻي جانور سان ، تنهنجو ڇا سبب؟ فقيرن مان ڪنهن بہ ورندي ڪانہ ڏني پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ٻيا ڪل جانور پوءِ پکي هجن يا درندا مگر مڙئي ڏونڊ کي گڏجي کائيندا آهن ۽ پاڻ ۾ جهيڑو جهڳڑو ڏونڊ لاءِ نہ ڪندا آهن پر ڪتي حريص کي اهڙي بدعادت آهي جو اڪيلوئي ڏونڊ کي کائيندوآهي، ٻي ڪنهن ڪتي کي پاڻ وٽ ڇڏڻ تہ نهيو پر ويجهو اچڻ بہ نہ ڏيندو آهي. پر جيڪو اچي نڪرندو يڪدم پاڻ ۾ جهيڑو جهڳڑو ڳنڍي وجهندا ۽ تيستائين آرام نہ ڪندا جيستائين هڪڙو انهن مان هار کائي ڏونڊ جي پچر ڇڏي سمورو ٻي جي حوالي نہ ڪري ويندو .

ڪنهن شاعر سچ چيو آهي:

چون سگان بر جيفہ می آيند جمع
ہر يکی دارد بخوردن لحم طمع

يعني: جڏهن کي ڪتا ڏونڊ تي گڏ ٿيندا تہ پوءِ هر هڪ اها طمع ڪندو تہ جيڪر آئون اڪيلوئي اهو ڏونڊ کاوان ٻي کي ويجهو بہ اچڻ نہ ڏيان .

ضد میگیرند با یک دیگران
زعمہا دارند با خود درمیان

يعني: پوءِ هر هڪ ٻي جو دشمن ٻڌجي ويندو ۽ پاڻ ۾ بدگمانيون ۽ جهيڑو فساد ۽ دشمني اچي مچائيندا.

نقل 3: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ڪو ڪتو هو تنهن کي هڪ پراٽو هڏو هٿ لڳو سو ان کي وا ت ۾ جهليون هڪڙي پاڻي جي چشمي مان اچي لنگهيو. جڏهن سندس نظر پاڻيءَ تي پئي تڏهن پنهنجو

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اولڙو ڏسي پانيائين تہ کو ٻيو کتو هڏو وات ۾ جهليون پاڻيءَ مان ٿو وڃي. تنهن تي کاوڙجي انهي هڏي کسڻ لاءِ مٿس حملو کيائين،جيئن کاوڙ مان گونرجي چڪ پائڻ لاءِ وات پٽي مٿس حملو کيائين تيئن امالڪ سندس وات وارو هڏو ٻہ ڀاڱا ٿي ڀاڱي ۾ ڀيو،اهو حال ڏسي ويچارو حيران ، پريشان ۽ مايوس ٿي وري اچي ٻڪ تي سهڙيو.ساڳيو اهڙوئي حال آهي دنيا جي طالبن جو:

حال دنيا سربسر پرسيدم از فرزانہ
گفت يا خواب است يا بادی ست يا افسانہ
حال او را باز گو کو دل بہ بندد اندر او
گفت يا غولی ست يا ديوی ست يا ديوانہ

يعني: دنيا جوسمورو حال هڪڙي سياڻي کان ويهي پڇيم،پوءِ ان ڏاهي مونکي جواب ڏنو دنيا کي سمجهہ تہ خواب آهي، جو اجهو ٿو موت ان کان سجاڳي ڪرائي يا هوا آهي جو گذرندي ويرم ئي کانہ ڪندي يا وري آکاٽي ڪري ڇاڙ جو اجها ڪ اجها پوري ٿي. تڏهن پڇيو مانس تہ ٻلا جيڪو ان ۾ پنهنجي دل ڦاسائي تہ ان بابت بہ تہ کي ٻڌائيم. جواب ڏنائين تہ اهڙو نا معقول ماڻهو يا تہ ماڻهو ئي نہ آهي ڪو غول، يعني ممڙو آهي جو ويراني کي پنهنجو وطن سمجهيو اٽس يا شيطان آهي جو آخرت تان هٽ ڏوئي وينو آهي يا وري ڪو صفا ديوانو آهي جو پنهنجي نفعي نقصان ۽ دنيا جي گندگي ۽ بيوفائي جي ڪابہ خبر کانہ اٽس.

پاڻ وري فرمايائون تہ اي يارو! هي دنيا برف جي ڍڳ وانگر ڪري ڇاڙو پوءِ ڪو بہ داناءُ ماڻهو برف جي مٽان بهار جي مند ۾ گهر نہ ٺاهي ويهندو ڇو تہ بهار کان پوءِ ستت ئي سانوڻ جي گرمي شروع ٿي ويندي جنهن ۾ نہ برف رهندي نہ برف تي ٽهيل گهر ۽ نڪي گهر جو ٺاهيندڙ.

نقل 4: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي ڪتي کي ڪو پراڙو هڏو هٿ آيو جنهن کي ڪٽي اچي چٻاڙڻ وينو،ان هڏي تي ٻيو تہ ڪي بہ ڪين هو پر رهندو اهو سڪو هڏو سندس ڏند جي پاڙ ۾ چپي پيو، جنهن ڪري ڏندن مان اچي رت چٽڪيس ، جنهن سان اهو هڏو ساروئي رت سان ڀرجي پيو. ڪتي نادان سمجهيو تہ مار کا عمدي غذا هٽ آئي اٽم تيئن زور سان ان کي چٻاڙڻ ۽ چٽڻ لڳو پر هو مت ماريل ايترو نہ پيو سمجهي سگهي تہ هي ڪو منهنجي ئي ڏندن جو رت آهي جنهن کي وينو چٽيان. پوءِ فرمايائون تہ ساڳيو ئي مثال اهل دنيا جو آهي جو انهي پراڙي هڏي دنيا واري جي چٽڻ ۾ رڌل آهي انهيءَ هڏي ۾ ٻي تہ کا حاصلات کانہ آهي پر پنهنجي رت چوسڻ کي ، جنهن مان مراد آهي دنيا جي حرص ۽ ڳٽتين ۾ پاڻ کي ڳارڻ ۽ جوکن ۾ وجهڻ وڏي نعمت سمجهي وينا آهن:

سگ دوں همت استخوان جويد

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بچہ شیر مغز جان جوید

يعني: ڪتو بد همت رڳو هڏا وتندو ڳولیندو پر شينهن جي همت وارا آهن سي ساهه دار جو مغز ڳولیندا باقي هڏن ڏانهن التفات ئي ڪونہ رکندا آهن.

نقل 5: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ڪا عورت هئي، تنهنجي پنهنجي سس سان اصل ڪانہ پيئي هئي. تنهن ڪري هميشہ ساڻس جهيڙو جنگ ڪندي رهندي هئي سندس سس ويچاري تمام پوڙهي ۽ ضعيف هئي، پوءِ هڪڙي ڏينهن انهيءَ عورت مڙس کي چيو تہ هن گهر ۾ يا تنهنجي ماءُ رهندي يا آئون رهنديس. جيڪڏهن منهجي خواهش اٿئي تہ پنهنجي ماءُ کي هٿان ڪڍ نہ تہ آئون ڪنهن طرف منهن ڪيو هلي ٿي وڃان. ماڻس ويچاري بہ روز روز جي جهيڙن کان ڪک ٿي پئي هئي، غريب هئي بہ هونئن ئي قبر جي ڀڪ تي، سو پٽ کي چيائين تہ مونکي هتان ڪڍي جتي وٽئي تتي اڇلائي اڇ پر آئون بہ هت وڌيڪ ٽڪي نٿي سگهان. هو زن مريد جو اڳ ئي تيار هو پنهنجي ماءُ کي اتان وٺي هڪڙي بر بيابان ۾ اڇي اڇلايائين، جتي شينهن بگهڙن ٻين درندن کان سواءِ ڪا آبادي ڪانہ هئي، دل ۾ خيال هجيس تہ هي پوڙهي مري ٿي ساهہ ۾ پاٽهي ڪو نہ ڪو درندو کائي ماري ويندس، هن جي دفن ڪفن جي خفي کان آزاد ٿيندس . آخر هي ماءُ کي ان مرن جي آستاني ۾ ڇڏي ڪري رات جو موٽي گهر آيو ، جڏهن صبح ٿيو تڏهن هن خيال سان تہ ڪراڙي کي تہ جانور کائي ويا هوندا پر جي ڪي اتي هڏڑا بچيا هجن تہ اهي وڃي دفن ڪري اچان . اتان هلي اچي بر ۾ نڪتو جتي ماءُ کي ڇڏي ڪري ويو هو هو اتان ڏسي تہ سندس ماءُ جيئري جاڳندي وينی آهي ۽ ڊور ڊڀگا ۽ مال متا سندس آسپاس کوڙ وتي چرندو ڦرندو .هي حيران ٿي ويو ۽ ماءُ کان حقيقت پڇيائين تہ ههڙي خوفناڪ رڙ ۾ شينهن بگهڙن کان ڪيئن بچي رهي آهين ۽ هي ايترو سارو مال ڪٿان آهيو آهي؟ رات جي ساري ڳالهہ مونکي بيان ڪري تہ ٻڌاءِ هن ويچاري جڏڙيءَ جواب ڏنس تہ اي پٽ ! ساري رات آسمان مان سڏ پي آيو تہ اي ڪراڙي هي ڪلئي مال توکي ڏنو اٿئون هاڻي اهومال تنهنجي ملڪيت آهي، وٺي ڪاهي وڃ .هو شخص اها ڳالهہ ٻڌي حيران ٿي ويو ،پوءِ پنهنجي ماءُ کي مال سميت وٺي پنهنجي گهر موٽي آيو .سندس گهر واري جو ڏنو تہ اهڙي خوفناڪ رڙ مان سلامت موٽي اچڻ سان گڏ ايترو سارو مال بہ گڏ وٺي آئي آهي، سو مڙس کي چوڻ لڳي تہ جڏهن تنهنجي ڪراڙي ماءُ کي هيترو مال ڏنو اٿن تڏهن منهنجي ڪراڙي امڙ کي بہ وٺي وڃي اتي ڇڏي آءُ تہ پل هوءَ بہ مال وٺي اچي. چوتہ منهنجي ماءُ بہ تنهنجي ماءُ کان گهٽ ڪانہ آهي، بلڪ اميد آهي تہ تنهنجي ماءُ کان بہ وڌيڪ مال زياده وٺي ايندي. هو نادان مڙس بہ زال جي چوڻ تي طمع ۾ پئجي ۽ مال جي وٺڻ لاءِ پنهنجي سس کي وٺي وڃڻ لاءِ تيار ٿي ٻيٺو :

بدوزد شره طمع ديده هوش مند
در آرد طمع مرغ وماهی بہ بند

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يعني: دنيا جو حرص داناءَ جون اکيون پوري ڇڏيندو آهي. پوءِ انڌا ڏنڌ ڪري وڃي ڪنهن هلاڪت واري ڪڏ ۾ ڪرندو. ڏسو ته اها دنياوي طمع ئي آهي جو پکين کي قاهي ۽ ميڇين کي ڪنڊيءَ ۾ قيد ٿي ڪرائي ڇڏي .

آخر هو پنهنجي سس کي اتان وٺي ساڳي انهيءَ ئي بر خونخوار ۾ ڇڏي موٽي آيو. هي اها سڄي رات پنهنجي گهر ۾ جاڳندو رهيو ۽ صبح جي انتظار ۾ ننڊ ڪانه آيس. جڏهن ڏينهن ٿيو تڏهن هن آسري تي ته منهنجي سس کي بہ امڙ وانگر ڄجهو مال مليو هوندو، خوش ٿيندو گهر مان نڪري اوڏانهن روانو ٿي ويو، اتي وڃي ڇا ڏسي ته سندس سس کي درندن جانورن ڦاڙي ٽڪرٽڪر ڪري کائي ڇڏيوآهي، ڪي هڏڙا سڏڙا اتي پيا آهن نه ته بي سموري هضم ڪري ڇڏي اٿن. اهو حال ڏسي ڏاڍو حيران، پريشان ۽ مايوس ٿي پنهنجي گهر ڏانهن موٽيو ۽ اهي هڏا بہ پاڻ سان کنيون آيو جي اچي پنهنجي زال کي ڏيکاريائين ۽ حقيقت بہ ساري بيان ڪري ٻڌايائينس جوٽس هي درد ناڪ واردات ڏسي مايوس ۽ ڏڪ کان ساري جلي ويئي ۽ عجب ۾ پئجي چوڻ لڳي ته حيرت آهي ته تنهنجي ماءُ ته ايترو سارو مال کٽي آئي آهي ۽ منهنجي ماءُ کي جانور کائي ويا ! مڙس ورندي ڏنس ته تنهنجي ماءُ کي پنهنجي نيت پيش آئي آهي . جو دنيا جي لالچ تي وڃي پاڻ کي جوکي ۾ وڌائين ۽ منهنجي ماءُ کي تنهنجي بدنيت ڪري ، جو چيئي ته پل ته جهنگ ۽ سڄي رڙ ۾ درندا کائي وڃنس پر هن کي مال هٿ آيو . انهي معنيٰ ته هي آيت شريف بہ شاهد آهي :

اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا (بني اسرائيل : ٧)

ترجمو : جيڪڏهن نيڪي ڪندؤ ته پنهنجي جند لاءِ نيڪي ڪندؤ پر جي منائي ڪندؤ ته وبال پنهنجي نفس جي مٿان اٿو.

پاڻ انهي هنڌ فرمائيندا هئا ته هن ۾ حقيقت جي رمزن مان هڪڙي عجيب رمز آهي، ڏسو ته جڏهن ان مڙس جي ماءُ پنهنجي ساهه ڏيڻ لاءِ انهيءَ خوفناڪ هنڌ کي قبول ڪيو هئائين تڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ نه رڳو جان جو امن عطا فرمايو، بلڪ وڏو مال بہ بخشي ڏنائونس ۽ جڏهن سندس سس دنيا جي طمع ۽ لالچ تي انهي پيانڪ هنڌ جو رهڻ اختيار ڪيائين ته نه رڳو سندس ساهه برباد ٿي ويو بلڪ نفس جي سڌ پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي دنيا ۽ آخرت ٻئي جهان خراب ڪري ڇڏيائين . اهڙي طرح جيڪو بہ شخص پنهنجي هستي کي فنا ڪري ڇڏيندو ته اهو نه رڳو هميشہ جي حياتي حاصل ڪري وجهندو، بلڪ الله تبارڪ وتعاليٰ کي بہ لهي وجهندو پر جيڪو پنهنجي حياتي کي نفساني سڌن ۽ حرص ۽ دنيا جي مال ميڙڻ ۾ خرچ ڪندو سو نه رڳو هن دنيا مان نامراد ٿي مرندو بلڪ پنهنجا ٻئي جهان خراب ڪري وجهندو:

ہر آن کس کہ درد بند حرص اوفتاد

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

دهد خرمن زندگانی به باد

يعني: جيڪو ماڻهو حرص جي خيال ۾ پوندو سو پنهنجي حياتيءَ واري بار مفت ۾ واءَ تي اڏاري برباد ڪري ڇڏيندو .

نقل 6: هيڪر پاڻ فرمايائون ته شهباز هوا ۾ اڏامندو آهي، تڏهن ڪول ضعيف پاڻ کي ڪجھ سمجهي زمين تي ويهي اجايو خيال ڊوڙائيندي آهي ته شاهد هيءُ باز مونکي شڪار ڪرڻ لاءِ هوا ۾ ٿو اڏامي . انهي سبب ڪري اتان وڃي پڃندي آهي ۽ ڊپ کان ڪرندي اٿندي پاڻ کي ڪکن ڪهڙن ۾ وڃي لڪائيندي آهي، شهباز کيس چوندو آهي اي ڪولڙي مسڪين ضعيف ! تون اهو اجايو خيال پنهنجي دل مان ڪڍي ڦٽو ڪر ته ڪو آڻون توکي شڪار ڪندس .تون کا منهنجي قوت نہ آهين جو توجهڙي حقير شيءِ کي شڪار ڪري پنهنجي شان ۾ داغ لايان .

پاڻ فرمايائون ته اهو مثال اهل دنيا جو آهي جو انهي نادان ڪول وانگر سمجهندا آهن ته اسين اهل ڪمال جي لاءِ قوت آهيون ۽ ڪامل سڳورا جو اسان سان اٽڪ ويهڻ ٿا ڪن سو اسان جي شڪار ڪرڻ لاءِ حالانڪ سندن اهو خيال بالڪل بيهودو ۽ بي جاءِ آهي . ڇو ته دنيا وارن کي ايتري ته عزت ۽ تعظيم آهي ڪٿي؟ جو ڪماليت وارن جو قوت بڌجن . بلڪ اهي دنيادار ته ڏونڊ خور جهڙا آهن ۽ ڪماليت جا صاحب اهڙن حرام خورن چهڙن کان بيزار رهندا آهن. ڏسو نٿا ته حديث شريف ۾ دنيا ۽ دنيا وارن تي لعنت وارد ٿيل آهي. جيئن ته روايت ۾ آيو آهي:

اَلدُّنْيَا مَلْعُوْنَة وَمَافِيْهَا اِلَّا ذِكْرُاللهِ

يعني: دنيا ۽ جيڪي به دنيا ۾ آهي سڀ تي خدا تعاليٰ جي لعنت آهي . مگر اهي شيون لعنت کان بچيل ۽ باهر آهن جي خدا وند ڪريم جي ذڪر ۾ شامل آهن.

يعني خدا تعاليٰ جي عبادت وارن ڪمن ۽ انهن ڪمن تي مدد ڏيندڙ شين کان سواءِ بين سمورين ئي دنياوي شين ۽ سامان تي لعنت پيل آهي .

نقل 7: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر فيروز فقير نظاماٽي رهندڙ ٽنڊي قيصر نظاماٽي جو ۽ اميد علي ٽالپر رهندڙ ٽنڊي مير جام ٽالپر جو درگاهہ مبارڪ تي حاضر هئا ۽ سندن حضور مبارڪ ۾ مير علي مراد ، مير جام ۽ مير ٻڌي ٽالپر جون ڳالهيون ٻولهيون بيان پي ڪيائون .پاڻ انهن گفتگن ٻڌڻ بعد فرمايائون ته دنيا ۽ دنيا وارا ڪيتري قدر نہ خبيث آهن جو انهن جي ڳالهين ٻڌڻ ڪري ساري جماعت ۾ قبض ۽ ملولائي پيدا ٿي پيئي آهي، عجيب عجيب ذوق ۽ حالتون بي جمعيتي سان مٽجي ويون آهن.

اي عزيز! عبرت جي نظر سان نهاري ڏس ته جنهن هنڌ معرفت ۽ حقيقت جو سج چمڪي رهيو هو، اتي به انهي نالائق دنيا جي گفتن هلڻ ڪري غبار پيدا ٿي پيوتي، پوءِ تو ۽ اسان کي ڪهڙي طاقت

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آهي جو دنياوي سڏن ۾ حرص هوا جي طوفان ۾ غرق هوندي به خداوند تعاليٰ جي محبت جو دم هٽي سگهون پوءِ جيئن ته ڪنهن بزرگ فرمايو آهي ته 'اي ادا ! بهشت ، جو مخلوق آهي سو به دنيا هوندي نه لهي سگهبو پوءِ هي محال صد محال آهي جو بهشت جو خالق دنيا هوندي لهي سگهجي'.

گر ترا دين بايدت از دنيا مناز
هر دو را باهم راست ناید کرمباز

يعني: جيڪڏهن توکي دين گهرجي ته پوءِ دنيا تي فخر ڪرڻ ۽ سندس ناز نٽ برداشت ڪرڻ ڇڏي ڏي چو ته دين ۽ دنيا ٻئي هڪ هنڌ پورا نه ايندا ،ڏنگائي جو رستو ڇڏي ڪر ۽ اهي بيهودا خيال لاهي ڇڏ.

هم خدا خواهی وهم دنیائے دوں
ایں خیال است و محال است وجنوں

يعني: تون خدا تعاليٰ به پيو گهرين ۽ دنيا جي طلب به پيو ڪرين ،سو انهي خيال هوندي الله تبارڪ وتعاليٰ جو حاصل ڪرڻ اجايو خيال بلڪ محال ۽ چريائي جو نشان آهي.

۽ حديث شريف ۾ وارد ٿيل آهي ته :

تَرْكُ الدُّنْيَا رَاْسُ كُلِّ عِبَادَةٍ وَّحُبُّ الدُّنْيَا رَاْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ

يعني: دنيا جو ترڪ سڀ عبادتن جو مٿو ۽ منڊ آهي ۽ دنيا جي دوستي سڀني گناهن جو منڊ ۽ پاڙ آهي.

پوءِ جيئن دنيا جي ترڪ سان سڀ نيڪين ۽ عبادتن جي توفيق وڌندي ويندي آهي تهڙي طرح دنيا جي دوستي ساڻ وري سڀني گناهن ۽ مناين جا دروازا کلي پون ٿا. پي حديث شريف ۾ آيل آهي ته:

لُعِنَ عَبْدُ الدُّنْيَا وَعَبْدُ الدِّرْهَمِ

يعني: لعنت وسي ٿي دنيا جي ٻانهن ۽ پيسن جي غلامن گولن مٿان.

اي عزيز! جڏهن حضور جن جي طبع مبارڪ تي به دنيا وارن جي گفتار ناهموار ڪري ايتري قدر ملولائي پيدا ٿي پيئي ته پوءِ صد افسوس انهن ماڻهن جي حال تي جي رات ڏينهن دنيا وارن جي مجلس ۾ دنيا ڪميٽي جي ڏوندڙ جي طمع تي بکاين ڪتن وانگر هڏن جي مٺ يا ماني جي پور تي پنهنجي جان ۽ جسي واري روڪڙ بلڪ دين ۽ ايمان واري موڙي به قربان ڪري ٻنهي جهانن جو نقصان اختيار ڪري ٿا ويهن .

مولانا رومي قدس سره انهن جي حق ۾ فرمايو آهي:

سڪندريه پبليڪشنز ، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اہل دنیا کافران مطلق اند
روز و شب دریق بق و دریق لق لق اند

يعني: دنيا وار ا ماڻهو مطلق ڪافر آهن جو ڏينهن رات بيهودي بڪواس ۽ فضول ڳالهين ۾ مشغول رهن ٿا.

طالب کي جڳائي تہ اهو دنيا ۽ دنياوران کان سخت پرهيز ڪري ۽ انهن جي صحبت کي زهر قاتل ڪري سمجهي، انهن کان پاسو ڪري گذاري.

جيئن مولانا رومي قدس سره فرمايو آهي:

صحبتِ صالح ترا صالح کند
صحبت طالح ترا طالح کند

يعني: چڱن جي صحبت توکي نيڪ بخت ڪري وجهندي،پر جيڪڏهن بچڙن سان سنگت صحبت رکندين تہ تون بہ بدبخت ۽ چنڊو ٿي پوندين.

نقل 8: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ هڪڙي ڏينهن حضرت ميان صاحب قدس سره اسان کي پي فرمايو تہ اي بابا! جيڪڏهن دنيا دار پنهنجو پٽ ڪٽي ڪهي وجهي تہ بہ ائين نہ سمجهو تہ هن خدا تعاليٰ جي واٽ ۾ خالص رضامندي ڏٽي تعاليٰ جي لاءِ ڪنو اٽس، بلڪ پڪ ڄاڻجو تہ ان ۾ ڪو نہ ڪو دنياوي غرض بہ ضرور پنهنجي دل ۾ ڳجهو رکيو هوندائين.

نقل 9: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ جيڪو شخص عبادت ڪري پوءِ ان جي پويان وري دنيا جي لاءِ دعا ٿو گهري تہ اهو شخص اهڙو ڪم ٿو ڪري جو جڙ ڇڻ تہ قرآن شريف جي مٿان لت ڏيئي مٿان دريءَ مان شراب جو شيشو هيٺ ٿو لاهي.

نقل 10: پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي ڪتي لنگهن وٽ رهندي هئي تنهنجو دستور هوندو هوتہ لنگها ڪنهن شادي مرادي تي دهل وڄائڻ ويندا هئا تہ هي بہ انهن سان گڏجي وڃي شادي جو پٽ ۽ هڏا سڏا کائي پيٽ پري ايندي هئي. اتفاق الٰهي سان هڪڙي پيبري بن هنڊن تي شادي جو موقعو ٻڌجي پيو ۽ انهن بنهي جي وچان هڪڙو واهہ پاڻي سان پريو پي وهيو پوءِ ڪتي واهہ جي ٻي پر دهل جو آواز ٻڌي پنهنجي اصلي هير موجب اوڏانهن وڃڻ لاءِ واهہ مان تري هلڻ لڳي تہ ايتري ۾ پويان هن پڪ وارو دهل بہ وڄڻ لڳو، ڪتي شڪ ۾ پئجي وري پوئتي موتي ڇڇ پنڊ آئي تہ وري هن پڪ واري دهل ٻڌڻ ڪري دل ۾ سمجهيائين آئون غلطي تي آهيان شادي هن پر آهي. اهڙي طرح نہ هوڏانهن دل ڪٽي سگهي نہ ٻئي پاسي پڪ پئجي سگهيس ، آخر اها ڪتي انهي پريشاني ۽ اچ وچ ۾ مري ويئي نہ هيڏي ٿي نڪي هوڏي پهتي.

سڪندريہ پبليڪشنز، درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پوءِ پاڻ فرمايائون تہ طالب کي گهرجي تہ ماسويٰ کان منهن موڙي پنهنجي دل کي محض الله سبحانہ وتعاليٰ ڏانهن متوجہ رکي ائين نہ ڪري جو ڪڏهن خدا تعاليٰ جي طلب ۾ مشغول ٿئي تہ ڪڏهن وري دنيا جي شغل ۾ رڇهي وڃي. ائين ڪندو تہ جهڙي طرح اها ڪتي پاڻيءَ جي ڪن ۾ هلاڪ ٿي وئي هي بہ بربادي جي ڪن ۾ هلاڪ ٿي ويندو ۽ هميشہ جي ڇيهي ۾ گرفتار ٿي پوندو. پوءِ پاڻ هي سنڌي بيت زبان مبارڪ سان فرمايائون:

ڏيهان گهاري ڏم سين، راتيان ميهارين
جيلاهن ٻن پارين، تيلاهن ٻڏي سُهٽي

نقل 11: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر لاڙ جي سفر ۾ حضرت اقدس قدس سرہ جن سان هم رڪاب پي آياسون تہ وات تي منهنجي گهوڙي شوخي ڪري پستيون اڇلائڻ شروع ڪيون. پاڻ مونکي فرمايائون تہ اي خليفا! تون پنهنجو گهوڙو اڳيرو ڪري ڪاهي هل سندن فرمودي موجب آئون پي هڪڙي بروج اهل دنيا سان اڳيرو نڪري هليس ۽ پاڻ ۾ دنياوي ڳالهيون ٻولهيون ڪندا پي ويا سون تہ ايتري ۾ حضرت اقدس قدس سرہ جن پنهنجو گهوڙو تکو ڪري اسان جي پرسان اچي نڪتا ۽ فرمايائون تہ خليفا ! عجب آهي جو تون بہ هيئن دنيا جون ڳالهيون ٿو ڪرين.

نقل 12: پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي شخص ڪنهن جهنگ جي پاسي سان اڻي تي ڪٽڪ جي پوڪ آباد ڪئي هئي پوءِ هڪڙي ڏينهن پنهنجي پوڪ جي جهار تي ٻينو هو تہ ايتري ۾ هڪڙي عورت جا ڏاڍي سهڻي هئي ۽ ڳهن ڳڻن سان سينگاريل هئي، سا سندس ٻني وٽان اچي لانگهائو ٿي، جڏهن تہ ڪڙمي ويچارو ڳوٺ ڪان پري پيل هو تنهن ڪري ڪيس شهواني لاڙو ٿي پيو ۽ ان عورت کي چيائين تہ تون اڇوڪي رات مون وٽ ٽڪ. عورت چيس تہ آئون تو وٽ ڪيئن ٽڪان نہ تو وٽ هنڌ نہ بسترو، نہ ماني ٽڪر، نہ ٻيو ڪوساز و سامان. تڏهن ان شخص ورندي ڏنس تہ هڪڙي رلهي مون وٽ آهي، جنهن ۾ رات گذاريندا سون، باقي ڪائڻ لاءِ توکي پنهنجي پوڪ مان سنگ يعني آيون کوڙ ڀيڄي ڏؤ تي ڪارائيندس. عورت رات ٽڪي پئي، جڏهن رات جو سمهڻ جو وقت آيو تڏهن ان مڙس کي خيال ٿيو تہ عورت سان صحبت ڪيان، عورت چيس تہ آئون ساري رات تو وٽ آهيان تکڙ ڇو ٿو ڪرين . هينئر تہ مان ڪري سمهي رهہ، اڃان رات گذري تہ ڪانہ ٿي وڃي. هو ويچارو سمهي پيو، جڏهن ننڊ ۾ بي خبر ٿي رهيو، تڏهن اها عورت سندس رلهي ڪنيون جاڏهون جي هئي تيڏانهن هلي وئي. صبح جو اهو مرد اٿي ڏسي تہ مار! نہ ڪا زال ئي ڏهي نہ ڪا رلهي! ٻئي گم ٿيل آهن. ويچارو حيران پريشان ٿي مان ڪري ويهي رهيو.

پاڻ نقل پورو ڪري پوءِ فرمايائون تہ دنيا بہ زال جي مثال آهي ۽ حياتيءَ جا ڏينهن رلهي وانگر ۽ ننڊ آهي هن جهان جي غفلت پوءِ انسان انهيءَ غفلت ۽ بي خبري ڪري اجاين ڪمن سان مشغول ٿو رهي

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

۽ خبر ئي ڪانہ ٿي پويس جو دنيا واري رن سندس حياتيءَ واري رلهي ڪٽي هلي ٿي وڃي. انهي ئي معنيٰ ڏانهن سندن فرمايل بيت ۾ هي لفظ آيل آهن تہ:

رن تہ ويئي پر رلهي بہ ويئي

بيت:

رلهي چائين عمر کي دنيا رن جيهي
جوانيءَ ۾ هڪ جنگ کي پٽ هيون ٻيئي
پيريءَ ۾ تنهن پرس کي پٽ ڏيئي ويئي
تڏهن چيائين پنهنجي چت ۾ روح اندر روئي
"رن تہ ويئي پر رلهي بہ ويئي"

نقل 13: سندن صاحبزادن سڳورن مان هڪڙي کان منقول آهي تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ اسان خليفي ميان الهہ رکيي ﷺ کان دعا جي طلب ڪئي سون. خليفي چيو تہ الله سبحانہ وتعاليٰ شال اوهانکي محتاجن (يعني اهل دنيا) جي محتاجيءَ کان پناهہ ۽ امن ۾ رکندو.

نقل 14: پاڻ فرمايائون تہ جيڪي ماڻهو ڪنهن ڪامل شخص جي رابطي واري ڏاڪي ۾ ٻڌل نہ آهن ۽ سپ ڪنهن بزرگ سان خوشامد ۽ قدمبوسي ڪندا ٿا رهن ۽ قلب جو ڳانڍاپو ڪنهن سان بہ پورو نٿا ڪن تہ انهن جو مثال انهي پکي وانگر آهي جنهن کي سنڊيءَ ۾ "ميهڙ" (ڪوئل) ڪري ڪوڻبو آهي ، انهي پکيءَ جي عادت هوندي آهي تہ ٻين نر پکين جيئن تہ ڳيرو، ڪبوتر ۽ باز وغيره کان جماع ڪرائيندي آهي ۽ اهي سپئي ساڻس گڏ ٿيندا آهن، پر انهي بي جنسي جماع سان نر پکي کيس اصلي ڪونہ ڄمندو آهي جي ڪو حمل ٿيندس تہ بہ مادي پيدا ٿيندي جا وري ٻين پکين کان حمل جي خواهشمند رهندي آهي.

نقل 15: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ هڪڙو عابد شخص جو ڏاڍي زهد ۽ عبادت صاحب ۽ رياضت ڪندڙ هو ۽ ٻيو هڪڙو بادشاهہ وڏي شان شوڪت ۽ فخر وارو هو، پوءِ جڏهن ٻئي هن دنيا مان رحلت ڪري ويا تڏهن هڪڙي ولي سڳوري خواب ۾ ڏٺو تہ عابد کي دوزخ جي باهہ اندر اڇلائي ڇڏيو اٿن. جت قسمين قسمين عذابن ۾ گرفتار آهي ۽ بادشاهہ کي ڏٺائين تہ بهشت جي مٿانهن درجن ۾ وڏي فرحت ۽ عزت سان ٽڪندڙ آهي. انهي برخلاف قياس جي معاملي ڏسڻ سان کيس حيرت ٿي ويئي ۽ درگاهہ قادر مطلق جي ۾ دعا گهريائين تہ يارب! هي ڇالهہ ڪيئن برخلاف قياس ۽ عام خيال جي ڏسي رهيو آهيان، کيس جواب ۾ الهام ٿيو تہ اهو عابد دنيا وارن سان قرب رکندو هو تنهن ڪري دوزخ ۾ موڪليو ويو ۽ هو بادشاهہ فقيرن سان گهٽي محبت ۽ پياس رکندو هو، تنهن ڪري کيس بهشت جي باغن ۾ جاءِ ڏني وئي.

اي عزيز! تڏهن تہ حديث شريف ۾ وارد ٿيل آهي تہ :

''اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ''

يعني: سيڪو شخص انهيءَ ساڻ گڏ هوندو جنهن ساڻ سندس قرب ۽ دوستي هوندي.

نقل 16: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي ڏينهن بادشاهہ محمود غزنوي پنهنجن اميرن، وزيرن ۽ نوڪرن چاڪرن جي آزمائش لاءِ ڪين حڪم فرماeو تہ آءُ هن باغ ۾ ٿو لڪان. اوهان مونکي ڳولي ڦولي هٿ ڪجو. پر اها خبر ڪنهن کي ڪانہ هئي تہ بادشاهہ اسان جي آزمائش وٹي رهيو آهي، پوءِ جڏهن بادشاهہ انهي باغ ۾ لڪي رهيو تڏهن سيئي ماڻهو سندس ڳولا ڦولا لاءِ باغ ۾ ڪاهي پيا ۽ ڳولا ڪندي باغ مان ميوا ٻہ چنندا ڪائيندا پي ويا، ٻين سپني ميوا ڪائي ڏؤ ڪيو، مگر ايياز هڪڙي ڪجهہ ڪونہ ڪاڏو ويچارو حيران پريشان رڳو بادشاهہ جي ڳولا ۾ ڊوڙندو ڦرندو رهيو، نيٺ گهٽي ڳولاءِ بعد بادشاهہ کي وڃي هٿ ڪيائون، بادشاهہ چا ڪيو جو سپني کي ڪٹي جلاب ڪارايائين پوءِ جن بادشاهہ جي باغ مان ميوا کاڌا هئا، تن جي پيٹ مان جنسي اهي ميوا ٻاهر نڪري پيا، مگر ايياز ويچاري نڪي ڪجهہ کاڏو هو، نڪي ان جي پيٹ مان ڪو ميوو نڪتو، تڏهن بادشاهہ سپني کي ملامت ۽ ڦٽ جٹ ڪئي تہ توهان منهنجي ڳولا ڪٹي ڪئي، توهان تہ پيٹ جا طالبو رڳو منهنجي باغ جا ميوا پي کاڌا ، مگر ايياز ڏسو جو منهنجي طلب ۾ سچو هو تہ ميوو چکيو ٻہ ڪونہ اٹس. ان ڪري ايياز ڏانهن سندس پيار بلڪل گهٹو وڌي ويو.

پاڻ فرمايائون تہ هي دنيا باغ جي مثال آهي، ۽ ايياز مان مراد آهي سچو طالب ۽ ٻيا امير، وزير وغيره عام ماڻهن جي مثال آهن، جن کي الله تبارڪ و تعاليٰ جي طلب کان غفلت ۽ دنيا جي نعمتن جي لذت آيل آهي، جن جي لاءِ آخرين نتيجو آهي،ٻنهي جهانن جي ملامت ۽ ڦٽ جٹ وارو جلاب. پر جيڪي ايياز وانگر محبت جا سچا ۽ دنيا جي لذتن کان بي پرواهہ هوندا سي بادشاهہ حقيقي جي قرب ۽ پيار مان سرفراز ڪيا ويندا.

نقل 17: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر سندن خدمت فيضِ درجت ۾ هڪڙي مريد عرض ڪيو تہ حضرتا! مخدوم ابراهيم نٹوي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي مريدن کي دنياوي گڏران جي اسبابن کان جهل ڪانہ ڪندو آهي، بلڪ پاڻ ڪوشش ڪندو اٹن تہ متان محتاجي ۽ ذلت ۾ گرفتار ٿي پون ۽ ٻيا ٻہ سندس متعلقين ايئن چوندا آهن تہ مرشد اهو جو پهريان تہ مريد کي دنياوي محتاجي کان آزاد ڪري. باقي ٻيون ڳالهيون سيئي پوءِ آهن. پاڻ انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ سان ''سبحان الله'' جو لفظ مبارڪ زبان تي آڻي ۽ فرمايائون تہ هي دنياوي ڏنڏو تہ اهڙو آهي ئي ڪونہ ، جو ان مان ڪنهن ٻہ ماڻهو جو ڏؤ ٿي سگهي. جيئن تہ ڪنهن بزرگ فرمايو آهي:

اين دو چشم تنگ دنيا دار

را یا قناعت پر کند یا خاک گور

يعني: دنياوي حريص جي هنن ٻن اکين کي روءِ زمين جي دنيا گڏ ڪري ڏجيس تہ ب پرجي نہ سگھنديون. البت ب شيون آھن جي انھن دنيا دارن جي اکين کي پري سگھنديون. يا تہ الله تبارک وتعاليٰ قناعت جو بھرو عطا ڪريس جو مليل بھري تي صبر ڪري گذاري يا تہ وري قبر جي مٽي پرٽجيس يعني مري هلي، تڏھن حرص جو خاتمو ٿئي. نہ تہ جيتري دنيا گھٽي ايترو حرص ۽ محتاجي وڌيڪ. طالب کي ڪپي تہ پنھنجي دل واري ٻنيءَ ۾ دنيا جي حرص جو ٻج پوکي ئي نہ.

ياطالب الدنيا بتر ترک الدنيا بر

يعني: اي دنيا جا بدحال طالب! دنيا جو ترڪ ئي تنھنجي لاءِ هر حال ۾ بھتر آھي.

باقي رزق سو اصلي رزاق مطلق تي آھي. پر جي هي دنيا جا ڪم آھن، تن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ محبت ڪامل کان سواءِ بلڪل محال آھي. جيڪڏھن اھڙن ماڻھن جي خيال موجب ڪو شخص دنيا جي طلب ۾ لڳي وجي ۽ فرض ڪريو تہ ساري روءِ زمين جي مال ملڪيت سندس مِلڪ ۾ اچي وجي تہ ب سندس حرص واري اک کي ڏؤ ڪونہ ٿيندو، بلڪ پاڻان حرص جي بازار تکي ٿي ويندي.

جيئن مولانا رومي قدس سره فرمايو آھي:

کاسہ چشم حريصاں پر نہ شد
تا صدف قانع نہ شد پر در نہ شد

يعني:حريص جي اک وارو پيالو نہ پرجي سگھيو نہ پريو ، نہ وري سندن اندر ۾ ڪو محبت جو جوھر ئي پيدا ٿي سگھندو. ڏسو نٿا تہ سپ ۾ جڏھن مينھن جو ھڪ قطرو پوندو آھي ۽ هوءَ ان تي قناعت ڪري هيٺ هلي ويندي آھي تہ ان مان بي بھا موتي پيدا ٿي پوندو آھي، پر جي ساڳي سپ ھڪ قطري تي قناعت نہ ڪري بلڪ گھٽي پاڻي لاءِ حرص ڪري تہ هوند منجھس ھڪ موتي ب ڪونہ پيدا ٿي سگھندو.

نقل 18: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايائون تہ ميان محمد عالم نالي ھڪ علم ۽ عمل جو بزرگ هو، تنھن کان مير بھرام تالپر مسئلو پڇيو تہ چھڙي يعني حرام خور جو ڪنل جانور کائڻ جائز آھي يانہ؟ بزرگ جواب ڏنس تہ چھڙا ٻن قسمن جا ٿيندا آھن، ھڪڙا ننڍا ٻيا وڏا. تون الائي ڪھڙي چھڙي بابت ٿو پڇين؟ مير حيران ٿي پڇيس تہ بزرگا! وڏو چھڙو ڪھڙو ۽ ننڍو ڪھڙو؟ جواب ڏنائينس تہ وڏا چھڙا اوھين اھل دنيا جا ماڻھو آھيو ۽ ننڍا چھڙا عام چھڙا آھن جي مشھور و معروف آھن، جو تہ ھو ويچارا رڳو ڏوندڙ کائيندا آھن جنھن کي سندس مالڪ بيڪار ڇاڻي پنھنجي گھر مان ڪڍي اڇلائي ڇڏيندا آھن، پر انھي سان گڏ اھو ب سمجھندا آھن تہ ڏوندڙ آھي حرام، پر توھان جيڪي

سكندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

وڏا ڇڻا آهيو سي ڇورڙن ٻارن ۽ مظلومن، بي واهن جا مال ظلم سان زوري ڦري کائي ٿا وڃو جو سخت حرام آهي، پر پانيو وري ايئن پيا تہ حلال ٿا کائون.

نقل 19: هيکر پاڻ مثال طرح بيان فرمايائون تہ جيکڏهن کو شخص کنهن عطر فروش جي دکان تي وڃي ۽ اهو عطار خالص عطر مان هک قطرو کيس مَکي تہ سندس سارو ئي بت خوشبودار ۽ سرهو ٿي پوندو. پوءِ جيکڏهن اهو شخص وڃي پنهنجي بت کي غلاظت ۽ گندگي ۾ اڇلائي بدبوءِ پيدا کندو تہ عطر فروش ذميوار نہ ڇئبو.

اي عزيز! عطار مان مراد مرشد کامل ۽ عطر مان مقصود آهي، فيض معنوي. جنهن سان ماڻهو جو روح، دل بلکہ سمورو جسم سرهو ٿي وڃي ٿو. پوءِ جيکڏهن مرشد وٽان کو شخص اها سرهاڻ ونڊي وري دنيا جي غلاظت ۽ پليتي ڏانهن رجوع کندو ۽ ان جي محبت ۾ محو ٿي پنهنجو روح ۽ جسو سڀ پيري خراب کري وجهندو تہ ان ۾ سندس مرشد ذميوار ناهي. جيئن تہ انهي پليت دنيا جي پليتي ڏانهن حديث شريف ۾ اشارو وارد ٿيل آهي تہ:

"الدنيا كنيفة الآدم"

ترجمو: دنيا انسان لاءِ موريز جي مثال آهي.

سگ دون همت استخوان جويد

بچه شير مغز جان جويد

يعني: کتو بدهمت پيو هڏا ڀُولينڊو پر شينهن جو ٻچو ساهدار جي مغز جي ڀُولا کندو ۽ هڏن جي طلب بلکل نہ کندو.

نقل20: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل کري ٿو تہ هيکر پاڻ درگاهہ مبارک واري مسجد شريف ۾ وينا هئا تہ قاضي محمد اکرم رهندڙ ديهہ کاتيار واقع پرڳٽي چاکر هالي جو خدمت شريف ۾ حاضر ٿيو، ۽ عرض کيائن تہ حضرتا! محمد رحيم هالن وارو اوهان جي حضور ۾ سلام عرض رکندو هو. پاڻ سلام جو جواب ڏيئي فرمايائون تہ هو ماڻهو چڱو آهي. محمد اکرم چيو تہ حضرتا! محمد رحيم ٿو چوي تہ مونکي فناءَ حاصل ٿيو آهي پر ايان خطرا نٿا وڃن پوءِ قاضي عرض کيو تہ حضرتا! اُهي کهڙا خطرا آهن؟ پاڻ فرمايائون تہ اي قاضي! هکڙا خطرا آهن جي فناءَ کان پوءِ ٻہ وارد ٿيندا آهن جن کي 'خواطر رسول ﷺ' کري سڏبو آهي. پر عجب آهي تہ هي ماڻهو ڳالهيون فناءَ جون پيا کن پر حال هيءُ آهي جو دنيا کي ٻہ ڦٽي نٿا کري سگهن، پوءِ فرمايائون تہ فناءَ تہ بجاءِ خود رهيو پر کنهن شخص جي ساهہ واري دماغ کي انهي جي کا بوءِ ٻہ پهچي وئي آهي تہ ان خبيث دنيا کي ٽک هٽي ڇڏي اٽس.

اي عزيز! سندن فرمودي مبارک ۾ خطرن بابت مختصر بيان ڏنل آهي. تفصيل ان جو هن طرح آهي تہ سالک کي جڏهن فناءَ ۽ بقاءَ کان پوءِ عارضي طرح عبوديت جي قائم رهڻ لاءِ بشريت جو لباس ٿا

سکندريه پبليکشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

پهرائن، تڏهن انهي منزل ۾ خطرا وري موتي ٿا اچن ، جن کي 'خواطر رسول الله' ڪري سڏبو آهي، اهي خطرا الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان وارد ٿيندا آهن. تنهن ڪري انهن کي نفي نه ڪرڻ گهرجي، بلڪ انهن جي حڪم کي قبول ڪرڻ ضروري آهي. پوءِ جيڪڏهن اهي خطرا جمالي آهن تہ انهن جي پوري ڪرڻ لاءِ وڏي ڪوشش ۽ تمام تاڪيد ڪرڻ گهرجي پر جيڪڏهن جلالي هجن تہ انهن تي صبر ڪرڻ ڪپي.

آن خيالاتے کہ دام اولیا است
عکس مہرویان بستان خدا است

يعني: جيڪي خيالات، اولياءَ سڳورن کي وارد ٿين ٿا، سي هنن ظاهري انساني خيالات مثال نہ آهن، بلڪ اهي خيالات الله تبارڪ و تعاليٰ جي باغ وارن محبوبن جو اولڙو آهن، يعني تہ سندس صفتن جي تجلي آهن،پر اهي خيال اوهي خيال نہ آهن جيڪي اصلي بشريت وارا خيال ٿيندا آهن ڇوتہ جيئن اها بشريت بہ مذموم ۽ خراب آهي، تيئن سندس خطرا بہ مذموم آهن. انهيءَ لاءِ حديث شريف ۾ ان ڏانهن اشارو فرمايل آهي:

"وجودك ذنب لايقاس به ذنب"

يعني: تنهنجو اهو بشريت مذموم وارو وجود ئي اهڙو ڏوهہ آهي، جنهن جي مٽ ٻيو ڪو ڏوهہ ٿي نٿو سگهي. پوءِ جڏهن اها بشريت مذموم ٿي، تڏهن سالڪ لاءِ فرض آهي تہ انهيءَ بشريت ۽ سندس خواطر کي نفي ڪري ڇڏي.

نقل 21: هڪڙو معتبر راوي نقل ڪري ٿو تہ پاڻ نقل فرمايائون تہ ڪو شخص ڳڙ جي خريد ڪرڻ لاءِ هڪڙي سوداگر جي هَٽ تي ويو، سوداگر سودي تورڻ لاءِ ميٽ جو هڪ ٽڪرو وزن ڪري رکي ڇڏيو هو، جنهن سان خريدارن کي سودو توري ڏيندو هو، اتفاقاً انهيءَ خريدار کي ڪا ميٽ ڪائڙ جي ڏاڍي عادت هوندي هئي، سو جڏهن سوداگر ڳڙ ڪيڻ ۾ مشغول ٿيو تہ تڏهن اهو خريدار چوري چوري انهيءَ ميٽ مان ٽڪر ڇڪي ڪائڙ لڳو، سوداگر ڏسي ورتس ۽ چيائين تہ اي نادان! تو سمجهيو تہ منهنجو ميٽ چورائي ڪو منهنجو نقصان ڪيئي پر حقيقت ۾ جيترو منهنجو ميٽ چورايئي اوترو ئي پنهنجو ڳڙ وڃايئي.

پاڻ انهيءَ هنڌ نڪتو بيان فرمايائون تہ جيڪي ماڻهو پنهنجي عمر کي دنيا جي طلب ۾ ٿا ڪپائن سي پڻ انهيءَ نادان خريدار وانگر سمجهن ٿا تہ ڪو دنيا جو ڪٽيو ڪري وڏوسون پر بي خبرن کي اها سڌ نہ ٿي پوي تہ ڪو هوڏهون پنهنجي دين جو نقصان ڪري هميشہ جي تاوان ۽ڇڻي هيٺ ٿا اچون.

نقل 22: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ سچو طالب اهو آهي جو سون ۽ پٽر جي وچ ۾ ڪو سنڌو نہ سمجهي، تان تہ جيئن جيڪڏهن ڪو پٽر هٿ ۾ ڪري پوءِ اڇلائي ڇڏجي تہ بہ هٿ رئي ۽ دز ۾ پرجي پيو هوندو تنهن کي ڪپڙي سان اگهڻ جي ضرورت ٿيندي آهي ،اهڙي طرح جيڪڏهن سون بہ هٿ ۾ اچيس ۽ وري ان کي خرچ بہ ڪري ڇڏي تہ بہ گهڙي ڪن جو اهو سون سندس

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مِلڪ ۾ رهيو، تنهن کان استغفار پڙهي ڇڏي.

نقل 23: يعقوب فقير ڏيٹو نقل ڪري ٿو ته پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن ڪنهن طالب سان ڪو اهل دنيا جو رابطو ۽ دوستي اچي ڳنڍي ۽ وٽس آمد رفت جاري رکي ته پوءِ اهل دنيا جو ڏانهنس التفات ۽ اتحاد ڏيکاري ٿو ته ايان انهيءَ طالب جي اندر ۾ دنيا جي ڪا نسبت بچيل آهي. جو ان جنسيت جي سبب ڪري انهي دنياوي ماڻهو کي ساڻس ڳانڍاپو ۽ اتحاد ٿي رهيو آهي، پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن اهو دنياوي ماڻهو ضرور ڪيس هلاڪي ۽ ذلت جي کڏ ۾ اڇلائي وجهندو.

نقل 24: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته هيڪر اسان وٽ گهوڙا تمام گهٽا اچي گڏ ٿيا هئا، ۽ سندن گهٽائي ڪري اسان جي دل تي البت ڪجهہ گران باري ٿي پيئي هئي، هئا بہ سيئي پنڌ جا سهنجا تکا ۽ ٿلها متارا. پوءِ سيني صاحبزادن کي گهرائي چيوسون تہ بابا! اسان وٽ گهوڙا ۽ گهوڙيون تمام گهٽيون اچي ڪني ٿيون آهن، آهن بہ سڀ پليون ۽ متاريون، تنهن ڪري اسان جي دل ۾ خيال ٿو اچي تہ جيڪر اوهين پاڻ ۾ اهي گهوڙا ۽ گهوڙيون ورهائي ڪٹو، ڇو تہ اسان جي طبيعت تي سندن خدمت ڏکي ٿي لڳي. تڏهن مڙني صاحبزادن گڏجي چيو تہ حضرتا! جڏهن اهي گهوڙيون اوهان جي طبيعت مبارڪ تي بہ جو درياءُ موج هٹندڙ جي مثال آهي، غبار پيدا ڪري ٿيون وجهن، تہ پوءِ اسين تہ هونئن ئي خيالات جا ڍڳ آهيون، سو اسان کي تہ وڏي ملولائي ۾ وجهي ڇڏيندیون. پاڻ فرمايائون تہ سندن انهي بيان کان اسان ڏاڍا خوش ۽ فرحتناڪ ٿياسون تہ باوجوديڪ سندن وهيءَ جا ڏينهن آهن ۽ اسان پاڻهي کين گهوڙيون پي ڏنيون ، جي هيون بہ تمام سٹيون ۽ خوش رفتار، تڏهن بہ سندن ويجهو نہ ويا، پوءِ الٰهي حڪم سان ٿورڙي مدت اندر انهن گهوڙن ۾ اهڙي اوچتي بيماري اچي واقع ٿي جو هڪ گهوڙو سواري لاءِ بہ ڪونہ رهيو.

نقل 25: صاحبزاه والاتبار ميان محمد هاشم رضی اللہ عنہ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جو سفر ڪندي مير چام جي ٽنڊي ۾ مير چام ٽالپر جي دعوت ونندا، ٽنڊي قيصر نظاماڻي ۾ تشريف فرما ٿيا، اتي فقيرن پاڻ ۾ مير چام جي ارادتمندي ۽ خوش عقيدائي جي تعريف شروع ڪئي ۽ فقيرن جي دعوت ۽ خدمت جا طرحين طرحين طعامن سان بجاءِ آندي هئائين، تنهن جي ساراهہ ڪرڻ لڳا. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ اسان جيڪو ذوق لاڙ جي ملڪ مان پاڻ سان ڪنيو ايندا آهيون، سو جڏهن چام ٽالپر جي ڳوٺ ايندا آهيون تہ اهو مڙئي اتي ڦٽو ڪري پوءِ اڳتي روانا ٿيندا آهيون.

نقل 26: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ اسين هن کان اڳ سمجهندا هئاسون تہ دنيا ۽ دولت وارا ماڻهو جو پوري ويساهہ هوندي بہ فيض باطني کان محروم رهجيو ٿا وڃن سو اسان جي نقص ڪري آهي. پر هينئر اسان کي خبردار ڪيائون تہ انهي اهل دنيا جي مايوسي ۽ محرومي جوسبب اسان جي تلقين جي نقص پاران نہ آهي، بلڪ هو فيض باطني کان انهي ڪري محروم ٿا رهن جو انهن اهل دنيا جي ڪي اسان سان ڪا بہ نسبت ۽ رابطو ڪونهي.

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اهل دنيا چون سگے ديوانہ اند

يعني: دنيا وارا ماڻهو بلڪل چتي ڪتي جي مثال آهن.

نقل 27: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر مير مبارڪ ٽالپر سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر هو ۽ مجلس ۾ پنهنجي پيءُ سهراب ٽالپرجي دانائي ۽ سياٽپ جي ساراهہ ڪرڻ لڳو. چوڻ لڳو تہ حضرتا! مير صاحب ڏاڍو داناءُ ۽ هوش وارو آهي. اسان کي ڏاڍيون نصيحتون ۽ سياٽپ جا نڪتا بيان ڪري ٻڌائيندو آهي ۽ چوندو آهي تہ بابا! دنيا ڏاڍي چگي آهي. جو جيئري مئي ڪم ٿي اچي. تنهن ڪري تمام هوشياري سان سندس سنپال ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح طرحين طرحين دنيا جي تعريف ڪرڻ لڳو. حضور جن هڪڙو نقل بيان ڪري ٻڌايس تہ اي ميان مبارڪ! ڪا عورت هئي ڏاڍي بد صورت جو سندس پيٽ هو دهل جهڙو ۽ اکيون ڪوئي جهڙيون. ڪل ڳوهہ جهڙي تنهن عورت جي شادي هڪڙي انڌي شخص سان ڪرايائون. پوءِ جڏهن زال مڙس پاڻ ۾ خلاصا ٿيندا هئا تڏهن اها عورت پنهنجي خوبصورتي ۽ سهڻائپ جي ان انڌي وٽ ويهي ساراهہ ڪندي هئي تہ منهنجو منهن اهڙو تہ اجرو آهي جڙ چوڏهين جو چنڊ ۽ اکيون منهنجون اهڙيون آهن. جهڙيون ڪ هرڻ جون نرگسين خماريل اکيون هونديون آهن. اهڙي طرح طرحين طرحين پنهنجي حسن جي ڏاڙ ان انڌي کي هٽي ٻڌائيندي هئي. هڪڙي ڏينهن مڙس ڪيس چيو تہ اي عورت! جيڪڏهن تون واقعي اهڙي سهڻي هجين ها تہ جيڪر توکي اهل دولت جو شاهوڪار ماڻهو نہ پرڻجي پوي ها ۽ اهڙو خوبصورت سگ مون انڌي کي ڪير ڏيئي ها. آهين تہ ڪا نڪر جو منهنجي مٿي ۾ لڳي آهين. سو اهڙي طرح هي خبيث دنيا انهيءَ مڪار بدصورت عورت وانگر انڌن جي اڳيان پنهنجي خوبصورتي جي دعويٰ ڪري ٿي ۽ قسمين قسمين سينگار ڪري ٻڌائي تہ آئون اهڙي سهڻي آهيان،پر جنهن کي خداوند تعاليٰ نظر ۽ بصيرت عطا ڪئي آهي ۽اندر جون اکيون صحيح سلامت آهن تہ اهي سندس حقيقت کي ظاهر ظهور ڏسي سندس ويجهو نٿا وڃن. نڪي سندس ڳالهين ۽ نڪين تي ڪن ئي ڏين ٿا.

نقل 28: خليفو ميان غازي خان نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ ميرجام جي ٽنڊي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا پوءِ وضو سارڻ وقت جو اصلي سندن دستور هو تہ اڪيلائي ۾ خلاصا ٿي وضو ساريندا هئا. پاڻ وضو لاءِ وينا هئا. آئون انهي سبب ڪري ڪجهہ پريرو سندن سامهون بيهي رهيس. پاڻ مونکي هٿ مبارڪ سان اشارو ڪري سڏي ورتائون ۽ فرمايائون تہ رات ظاهري عبادت ۾ ڪجهہ نقص ۽ آرس ٿي پيو. تنهنجو سبب شايد اهو آهي جو اهل دنيا جي نهرايل جاءِ ۾ رات ٽڪيا آهيون. انهي رات پاڻ مير جام جي بنگلي ۾ ٽڪيا هئا جو مٽيءَ جو وڏو ٽلهو ڪري انهيءَ تي جاءِ جي اڏاوت ڪئي وئي هئي.

نقل 29: ساڳيو خليفو لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر مير مبارڪ ٽالپر حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ ڳالهين هلندي عرض ڪيائين تہ حضرتا! اسان جو هي لشڪر ۽ هٿيار پيا گڏ ڪريون سو رڳو هن لاءِ تہ اسين حضرت امام مهدي عليہ السلام جو لشڪر ٿيندا سين ۽ دجال سان لڙائي ڪنداسون. پاڻ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جواب ۾ فرمايائونس تہ امام صاحب تہ جنگ ڪندو ئي ڪونہ، بلڪ تڪبير ۽ تهليل سان ملڪ فتح ڪندو، باقي اوهان جو لشڪر سو دجال ڏانهن هليو ويندو ، ڇو تہ اتي طعام جا ڍؤ هوندا ۽ اوهان جي لشڪر جا ماڻهو پيٽي رڳو پيٽ جي پرڻ لاءِ وتن ٽا پوڪندا، جيئن تہ هن وقت جيڪي اوهان جا نوڪر توهان جي ٿورڙي عطا ملڻ ڪري اوهان کان رنج ٿي حيدرآبادي حاڪمن ڏانهن هليا ٿا وڃن ۽ حيدرآبادي حاڪمن جا سپاهي وري انهن کان رنج ٿي توهان وٽ اچي ٿا نڪرن. مطلب تہ دنيا ڍونڍ جا ڪتا جاڏي پنهنجو مطلب ٿا ڏسن اوڏانهن ٿا ڍوڙن سو اهڙا مطلبي ڪتا، امام صاحب جو لشڪر ڪٿي بڻجندا؟

نقل 31: فتح خان نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ ہارجيستائين ماڻ جي پيٽ ۾ هوندو آهي، تيستائين سندس خوراڪ هوندي آهي ماڻ جي حيض وارو رت، ۽ سندس رهڻ جي جاءِ سوڙهي تنگ يعني ماڻ جي ڀڀيرڙ هوندي آهي،پوءِ جڏهن ويم جا ڏينهن ٿيندا آهن ۽ ان ہار کي پيٽ مان ٻاهر ڪڍندا آهن تڏهن اهو ہار ٻاهر نڪرڻ جو خيال نہ ڪندو آهي ۽ ڇوندو آهي تہ مون کي هي جاءِ ڏاڍي وٽي ٿي، ۽ هت ڏاڍو آسودو ۽ خوش خورم وينو آهيان ، پوءِ توڙي جوکيس چون ڪٽي تہ اڙي نادان تنهنجي رهڻ جي جاءِ تمام تنگ ۽ قوت تنهنجو ڪِنو رت آهي، هتان ٻاهر نڪرندين تہ توکي ڪشادي جاءِ ۾ ٽڪائينداسين جو اتي گهمڻ ڦرڻ جا مزا پيو ڪندين ۽ انهيءَ ڪني رت ڪائڻ بدران توکي ڪير جهڙي عمدي غذا ڪارائبي تہ بہ ہار جي ذهن ۾ ان جو قدر ڪونہ ٿو پوي ۽ انهن ڳالهين کي قبول نٿو ڪري، بلڪ چوي ٿو تہ نہ مونکي هيءَ جاءِ ڏاڍي وٽي ٿي. پر نيٺ جيئن تيئن ڪري ڪيس ٻاهر ڪڍن ٿا، پوءِ جي اچي ٿو هن دنيا جي ڪشادگي ۽ فرحت ٿو ڏسي ۽ رت جي بدران ماڻ جو ڪير چوسڻ ٿو لڳي تہ پوءِ ڏاڍي لذت ۽ فرحت ۾ خوش حال ٿي وڃي ٿو ۽ ماڻ جي پيٽ وارا ڏينهن پاڻ لاءِ قيد ڪري ٿو سمجهي. وري جڏهن ڪير ڇڏائڻ جو وقت ايندو اٿس ۽ ڇوندا اٿس تہ اهو ڪير ڇڏ تہ توکي مصريون، ڪنڊ ۽ ٻيون عمديون شيون ڪارائينداسون، تڏهن بہ ڪير ڇڏڻ جو خيال نٿو ڪري ۽ چوي ٿو تہ ماڻ جو ڪير انهن ٽولن کان مون لاءِ وڌيڪ آهي پر جڏهن مناڻ ۽ مصري جي لذت چکي ٿو ڏسي تہ نيٺ ان کير جو خيال لهي ٿو وڃيس ۽ ان تي راضي رهي ٿو بلڪ پوءِ وري ساڳي ڪير کان نفرت ٿي لڳيس. پاڻ مثال پورو ڪري پوءِ فرمايائون تہ هن دنيا جون نعمتون ۽ لذتون معنيٰ واري ملڪ جي ڪشادگي ۽ لذت جي نسبتئون ماڻ جي پيٽ وانگر آهن ، جو هي دنيا ان ملڪ جي نسبتئون تمام سوڙهي تنگ پيٽ مثال آهي ۽ ان دنيا جون نعمتون ، لذتون ۽ ٻيا عيش عشرت حيض جي رت کائڻ مثال آهن. پوءِ جيڪو شخص انهن دنياوي لذتن واري حيض جي رت تي پلجي ٿو وڃي تہ پوءِ ڪيس معنوي ملڪ جون ڪٽي ڏهوڙ نعمتون باسبيون تہ بي قدري ڪري انهن کي قبول نہ ڪندو، ۽ نڪي هنن بيهوده لذتن جي ڇڏڻ جو خيال ڪري سگهندو، اهڙو شخص انهي قيد ۾ ورتل آهي. جنهن ڏانهن هن آيت شريف ۾ اشارو وارد ٿيل آهي:

اَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ (الفرقان : ۴۳)

ترجمو: يعني تہ اي پيغمبر ڪريم ﷺ! تو ڏٺو ان شخص کي جنهن خداوند ڪريم کي وساري پنهنجي سڏن ۽ نفس جي خيالن کي پنهنجو خدا ڪري بڌايو آهي.

جو انهن جي حڪم موجب پيو سيڪو عمل ڪري ۽ هلي چلي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جيڪو انهي منزل کان چڙهي هلندو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي عبادت وارين لذتن ۾ مصروف ٿيندو. جيئن تہ حديث شريف ۾ وارد ٿيل آهي:

تَرْكُ الدُّنْيَا رَاْسُ كُلِّ عِبَادَةٍ

يعني:دنيا جو ترڪ ڪرڻ سيني عبادتن جو مٿو آهي.

عبادت جي مٿي مان مراد آهي، الله تبارڪ وتعاليٰ جي معرفت ۽ سندس قرب، پوءِ اهڙي شخص لاءِ ماڻ جو پيٽ آهي سندس هستي موهوم پوءِ جيڪو ان ۾ رهيو سو رهجي ويو ۽ جيڪو ان جي هٿان ڇٽو سو خدا تعاليٰ سان ڳنڍجي ويو.

مولانا رومي قدس سره فرمايو آهي:

چون ز خود رستی همہ حق گشتہ
رفت ظلمت نور مطلق گشتہ

يعني: جڏهن پنهنجي خودي کان آزاد ٿئين تہ پوءِ سمورو الله تبارڪ وتعاليٰ ۾ فنا ٿي ويندين، پوءِ اونداهي سمجهہ تہ وئي مطلق نور بڻجي پوندين.

نقل 31: خليفو ميان اميد علي، خليفي ميان سلطان رحمۃ الله عليه کان نقل ڪري ٿو تہ هيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ ڪنهن شخص کا شيءِ نذراني طرح پيش ڪئي، پوءِ جڏهن اهو شخص اٿي ويو تڏهن پاڻ مونکي خطاب ڪري فرمايائون تہ اي سلطان فقير! مونکي ذات پاڪ جل جلاله و عم نواله جو قسم آهي تہ جڏهن کا دنياوي شيءِ اسان ڏانهن رجوع ڪندي آهي تہ ان وقت آئون ڇاٽيندو آهيان تہ اڄ مون تي الله تبارڪ و تعاليٰ ڪاوڙيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو طالب الله تعاليٰ جو ايندو آهي تہ ڏاڍو خوش ٿيندو آهيان ۽ سمجهندو آهيان تہ الله تبارڪ وتعاليٰ اڄ مون تي راضي ٿيو آهي.

نقل 32: مير محمد فقير نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ ڪنهن خواجہ سراءِ جي گهر ۾ چور ڪات هٽڻ لاءِ اندر گهڙي ويو. اتفاقاً خواجہ سراءِ کي سجاڳي ٿي ويئي، تنهن ڪري هنڌ تان اٿي ڪڙو ٿيو پر جيئن اجان اٿي سنئون ٿيو هو تہ ان چور وٽي جو ڏڪو ڏنس سو هڪڙي جنڊ جي مٿان وڃي ڪريو ۽ لوهو ڪير جو جنڊ جي وچ ۾ هو سو مقعد ۾ گهري ويو. خواجہ سراءِ کي ان مان لذت اچي وئي جو ڪير تان وري اٿيو ئي ڪونہ. هوڏهون چور سندس گهر ڀهاري سهاري ڪٽي هليو ويو پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اهل ظاهر جا بہ انهي خواجہ سراءِ وانگر لوهي ڪير تي ڪريا پيا آهن ۽ گهر سندن پيو

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

لڏجي ۽ برباد ٿئي.

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٻيون
دنيا جي ترڪ ڪرڻ بابت

نقل 1: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ درگاهه مبارڪ واري مسجد شريف ۾ وينا هئا، ۽ آئون به سندن خدمت مبارڪ ۾ حاضر وينو هوس، ان وقت پاڻ حقائق آگاهه سيد محمود شاهه رهندڙ لکي واقع پرڳٹي شڪارپور جي بابت جو حضور جن جو مريد ۽ تارڪ اسباب هو. فرمايائون ته شاهه صاحب اهل صفه مان آهي. تڏهن مون عرض گذاريو ته حضرتا! اهل صفه جا ايان به آهن ڇا؟ پاڻ فرمايائون ته موجود آهن پر نبوت ڪانهي.

نقل 2: پاڻ فرمائيندا هئا ته دنيا جي ترڪ جي چُڪي (عادت) منهنجي وجود ۾ پهريان پهريان اسان جي استاد حافظ (زين الدين مهيسر) صاحب جن ويهاري هئي. سندن ترڪ ۽ بي تعلقي ۽ آزادي جي هي وصف هوندي هئي ته جيڪڏهن ننڍڙو هڪ بن ڏينهن جو ڇاول گابو به ڪٽي ڪو ڪين نڏراني طور ڏيندو هو ته انهيءَ مهل سندس جيڪا به قيمت ٿئي سا مقرر ڪرائي وڪٽي ڇڏيندا هئا پوءِ توڙي ڪٽي هڪ ٽڪو يا ٻه ٽڪا هٿ ايندا هين ته به وڪٽي ڇڏيندا هئا، مگر اهو جانور پاڻ وٽ نه رکندا هئا.

نقل 3: خضر فقير آريسر رهندڙ ديهه پٽن واقع پرڳٹي چاچڪن جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر سندن خدمت مبارڪ ۾ وينو هوس پاڻ فرمايائون ته ڪي طالب دنيا جو ترڪ ڪن ٿا، پر انهن جي طمع وڃي ئي ڪانه ٿي. ڇو ته ترڪ انهيءَ ڪي ڇئبو آهي جو ڪنهن به مخلوقات ڇا پر خالق ۾ به دنيا جي طمع ڪا نه رکجي. جيئن سعدي شيرازي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي:

طمع بند دفتر ز حکمت بشوی
طمع بگسل و هرچه خواهی بگوی
طمع را سه حرف است هر سه تهی
ازاں نیست مر مطمعان را بهی

يعني: طمع رکيئي ته پوءِ پنهنجي ناداني وارو دفتر ڏوئي ڇڏيو (ڇو ته ان جو ڪوبه اثر ڪونه رهندو ، سيڪو چوندو ته مڙئي ڇئن پيسن جي لالچ تي پيو ٿو زبان هٽي) پر جي طمع لاهي ڇڏين ته پوءِ جيڪي به چوندين سو پيو ٿهندو. طمع جي لفظ ۾ ٽي حرف آهن، پر ٿئي خالي بي نقطا آهن، سي ڏيکارين ٿا ته طمع وارا ماڻهو به اهڙي طرح ئي سپ نيڪين ۽ فيض جي اثر کان خالي رهندا.

۽ هي به فرمايائون ته : "الفقير لا يحتاج الى الله تعالىٰ"

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يعني: فقير (دنياوي ڪمن لاءِ) الله تبارڪ وتعاليٰ جو ٻه محتاج نه ٿيندو.

نقل 4: پاڻ فرمايائون ته حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن جا ٻه يار سڳورا تارڪ الدنيا هئا. هڪڙو امير المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ ٻيو اميرالمؤمنين حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه .تنهن ڪري انهن ٻنهي سڳورن کان فقيريءَ جا ٻه طريقا جاري ٿيا. جيئن ته نقشبندي طريقو ، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کان هليل آهي ۽ قادري طريقو، حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه کان هليو اچي. جي اڄ ڏينهن تائين جاري آهن ۽ قيامت تائين جاري رهندا. ۽ ٻه ٻيا يار حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جا هڪ حضرت امير المؤمنين عمر فاروق رضي الله عنه ۽ ٻيو حضرت امير المؤمنين حضرت امير عثمان غني رضي الله عنه اهل اسباب جا هئا. تنهن ڪري انهن کان ڪو ٻه طريقو جاري ڪونه ٿيو آهي.

نقل 5: جامع ملفوظات رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ ابراهيم فقير نظاماڻي جي ٽنڊي ۾ جو اها اوڀيجاڻي ديهن مان هڪ ديهه آهي. نظاماڻي فقيرن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، پوءِ زيارت ڪرائڻ مهل فقيرن سون، چاندي ۽ روڪ پيسا ڪپڙا پٽ جا توڙي ٻيا ڪورا ڪپڙا تمام گهٽا نذراني ۾ پيش ڪيا، ان وقت آئون ٻه خدمت مبارڪ ۾ حاضر هوس، سي سڀ شيون ڪٽي سندن خدمت ۾ روانا ٿياسون، پوءِ واٽ تي سندن حضور ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! هي جيڪي پيسا ۽ سون چاندي وغيره اچن ٿيون سي جيڪر ڳٽي پوءِ مڏي دارن جي حوالي ڪندا رهون. پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته ان کي طلاق ڏيئي ڇڏي اٽئون تنهن جي نگهباني ڪا نه ڪبي:

هرکه در راهِ صحبت مرد شد
ملک دنيا به دل او سرد شد

يعني: جيڪو شخص خدا تعاليٰ جي محبت واري رستي ۾ مرد ٿي بينو ۽ دنيا جو سمورو ملڪ ان کي ڪوڙو ۽ خراب لڳندو.

نقل 6: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر آئون ، ميان سلطان فقير نظاماڻي ۽ سيد ميان مير علي شاهه گڏيا درگاهه شريف تي پي وياسون ۽ ان پيري ڪپڙا ۽ ڳهه سونا چاندي جا ۽ ٻيون سوغاتون حضرت مرشد ڪريم قدس سره جي اڳيان نذراني ۾ پيش ڪرڻ واسطي مريدن تمام گهٽي انداز ۾ ڏنا هئا سي به ڪنيو پي آياسون، جڏهن درگاهه مبارڪ تي پهتاسون تڏهن پاڻ باغيچي جي چودري ۾ وينا هئا، اسان ٽئي ڄڻا به سوڪڙيون پاڪڙيون ڪٽي اتي وڃي حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿياسون ۽ زيارت کان مشرف ٿي نذرانو پيش ڪيوسون، اسان کان اڳ ميان قابل شاهه رحمة الله عليه ۽ آدم خان بروهي به حضور ۾ وينا هئا، پاڻ اهي سوڪڙيون ڏسي مون کي زبان مبارڪ سان فرمايائون ته واهه واهه! تون به ايئن ٿو ڪرين جو ڏسي وائسي پنهنجي گهر جو ڀهاريل گند ميڙي سيڙي آٽي ٿو اسان جي گهر ۾ اڇلائين، ايئن نه ڪرڻ گهرجي. مون عرض ڪيو ته حضرتا! درگاهه مبارڪ جي مريدن ڏنا آهن، آئون پنهنجي گهران ڪونه

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪٽي آيو آهيان، مون کي ته جيڪي هٿ ايندو آهي سو فقيرن تي خرچي ڇڏيندو آهيان، پاڻ فرمايائون ته ڇا اسان جو مال ۽ ڇا توهان جو مال! جتي ڪجهه هٿ لڳيوَ سو ڏيئي ڇڏيندا ڪريو. خليفو صاحب ٿو چوي ته ان کان پوءِ وري ڪڏهن به نڏرانو پاڻ سان ڪٽي ڪونه ويس، بلڪ جيڪي ٿيندو هو سو ڪنهن فقير جي هٿ موڪلي ڏيندو هوس.

نقل 7: محمد حسن فقير نقل ڪري ٿو ته هيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ وينا هئاسون ته پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايائون ته هيڪر اسان کي الله تبارڪ وتعاليٰ کي پئسا (فتوحات) عطا فرمايا هئا، انهن مان هڪڙو رپيو ڪنهن قرضدار کي ڏيڻ جي نيت سان رکي ڇڏيو هوسون، پر پوءِ ان رپئي جي ڳالهه ئي وسري وئي سون، تان ته ٿي ڏينهن گذري ويا ۽ انهي وقت تائين ڪجهه به فتوحات ميسر ڪانه ٿي، حيران ٿي وياسون ته فتوحات جي ايتري دير ڪرڻ جو ڇا سبب آهي، پوءِ نيٺ معلوم ڪري ورتوسون ته هي بندش رڳي انهي رپئي جي ڪري ٿي آهي جو قرضدارن لاءِ رکيو هوسون ۽ اجان تائين رهجي ويو آهي پوءِ اهو رپيو انهي ئي وقت قرضدار ڏانهن موڪلي ڏنوسون ته انهي ئي مهل مفتح الابواب فتوحات جا دروازڪولي ڇڏيا ۽ بندش برطرف ٿي وئي.

نقل8: هيڪر پاڻ فرمايائون ته هڪڙي ڏينهن قرآن شريف تلاوت ڪندي هن آيت شريف تي پهتاسون ته: "فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ "(المائده : ٢٣) پوءِ توڪل ڪريو جيڪڏن اوهان مؤمن آهيو. دل ۾ فڪر ڪيوسون ته آيت ۾ ايمان جي لاءِ شرط ڪيل آهي ته توڪل ڪجي پوءِ جنهن کي توڪل وارو شرط نه هوندو ته ان وقت مشروط يعني ايمان ڪونه رهندو. ڇوته قانون مقرر آهي ته "اذا فات الشرط فات المشروط" يعني شرط گم ٿيندو ته مشروط پڻ گم ٿي پوندو. پوءِ انهيءَ ڏينهن کان ونڊي سعيي جو ترڪ ڪري ڇڏيوسون. جڏهن اها ڳالهه ميان محمد اڪرم گهمرو جو اسان جي وڏي صاحبزادي(مسند نشين) جو نانو آهي، ٻڌي، تڏهن اسان وٽ آيو ۽ نصيحت جا دروازا اڇي ڪولياٸين ۽ ترڪ قبولڻ کان روڪڻ لاءِ گهٽو گفتگو ڪياٸين، تڏهن اسان قرآن شريف گهرائي مٿين آيت سڳوري کيس ڏيکاريسون ۽ چيوسونس ته ترڪ ايمان جي لاءِ شرط فرمايل آهي، تڏهن چياٸين ته ٻلا اوهان تي ترڪ لازم آهي ته ٻل ڪريو،پر پنهنجي ٻين تابعن ۽ متعلقن لاءِ ان بابت باعث نه ٿيو، بلڪ سندن مرضي تي ڇڏي ڏيو، اسان جواب ڏنس ته جيڪو به انهي ڪم بجا آڻڻ ۾ اسان سان راضي نه ٿيندو ته انهي کي به ترڪ ڪري ڇڏيندا سون. تڏهن ان بزرگ اها ڳالهه وڃي پنهنجي نياڻي سان ڪئي جا اسان جي حاويلي ۾ هئي ۽ چياٸينس ته جيئن سائين جن اوهان کي امر ڪن ان تي محڪم بيهجو توڙي ڪٽي ڪپڙن جي نالي حڪم ڪن ته به ترڪ ڪري ڇڏجو.

نقل9: هيڪر پاڻ حديث شريف کان نقل فرمايائون ته هيڪر حضرت سرور ڪائنات ﷺ جن ڪنهن سفر تان ٿي موٽيا، پوءِ جندان ٽڪر تي پهتا جو مدينو مطهره کان ويجهو هڪ جبل آهي، تڏهن اصحاب سڳورا ان تان چڙهي اڳتي لنگهڻ لڳا، پر جيڪي هلڪي بار وارا هئا اهي يڪدم جبل تي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چڙهي حضور جن کان اڳي ئي مديني منوره ۾ پهچي ويا ۽ جن کي وري بار ڪچ سارو هو سي ڳورائپ جي ڪري حضور جن سان گڏ پي آيا ۽ کي پوئتي رهيل هئا. تڏهن پاڻ فرمايائون ته اهو جندان جبل آهي جنهن تان جيڪي هلڪي بار وارا هئا سي اڳي لنگهي ويا ۽ جيڪي ڳوري بار وارا هئا سي پوئتي پئجي ويا، اصحابن سڳورن عرض ڪيو ته حضرتا! جيڪي حضور جن فرمايو سو ته ظاهر پيو ڏيکارجي پر ان جي معنيٰ ۽ حقيقت ڪهڙي آهي؟ پاڻ فرمايائون ته قيامت ڏينهن به اهڙي طرح ٿيندو جو جيڪي هلڪي بار وارا هوندا سي سيني کان جلد لنگهي ويندا هليا ۽ ڳوري بار وارا پوئتي رهجي ويندا.

ڳوريون پاسي ڳوٺ، هورن هاڙو لنگهيو
ڪيچ تني کي ڪوٺ، ڪين جني جي ڪچ ۾

نقل 10: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته حضرت مرشد مڪرم قدس سرہ جن کي جيڪي گهوڙا قلات ملڪ وارن مريدن نذراني ۾ پيش ڪيا هئا تن جي خدمت جو ذمون مون تي ۽ ميان غازي خان تي رکيل هو، پوءِ جڏهن صاحبزادن سڳورن جي شادي جي تاريخ مقرر ٿي تڏهن مون ۽ خليفي مٺين اهي گهوڙا وڪٽي قيمت انهن جي اٺ سؤ روپيا وصول ڪيا، سا پاڻ سان کٽي درگاهه مبارڪ ڏانهن روانا ٿياسون. جڏهن حضور مبارڪ ۾ پهتاسون تڏهن معلوم ٿيو ته شادي جي تاريخ مقرر ٿي چڪي آهي ۽ ڪنواريتا جي پٽ حضور جن جا سڳا پائر هئا، تن شادي جو سمورو سامان جيئن ته اٿو، چانور ۽ گيهه وغيره سڀ اسباب تيار ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ پاڻ رات جي وقت پنهنجن پائرن ۽ وڏي صاحبزادي مسند نشين قدس سرہ، ميان قابل شاهه ۽ خليفي حاجي آدم خان بروهي ۽ مونکي گهرائي مصلحت پڇيائون ته سائل به وينا آهن ۽ شادي جي خرچ جو ڪم به درپيش آهي؟ هينئر صلاح ڏيو ته پيسا ڪٿي خرچ ڪيون؟ سيني عرض ڪيو ته جيڪا حضور جن جي مرضي، سا سڀ کان وڌيڪ! پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن اسان جي مرضي تي ڇڏيو ٿا ته پوءِ اسان هي پئسا سائلن کي ٿا ڏيون. تڏهن اسان سيني پاڻ ۾ مصلحت ڪٽي سون ته جيڪڏهن هن وقت شاديءَ جو ڪم مهمل رهجي ويو ته هن طرف جو ڪل خرچ ۽ سامان بلڪل ضايع ۽ بيڪار ٿي پوندو ۽ وري انهن کان اسباب جو گڏ ٿيڻ بلڪل محال آهي، تنهن ڪري سيني گڏجي سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو سون ته حضرتا! هن طرف وارن شاديءَ جو سمورو سامان موجود ڪري ڇڏيو اٿن ۽ سندن خرچ به گهٽو اچي ويو آهي، هينئر جيڪڏهن شاديءَ جو ڪم رهجي ويندو ته سندن اهي خرچ خروچ سڀ اجايا لڙهي ويندا. سائين جن کي ته هن وقت يا هن کان پوءِ کنهن ڪم جي محتاجي کانه آهي پر هنن سڳورن جي حال تي به ضرور توجه ڏيڻو آهي ۽ حق به اهڙي طرح آهي تنهن ڪري جيڪڏهن اهي پيسا جيڪر شادي جي ڪم ڪار ۾ خرچ ڪجن ته ڏاڍو چڱو ٿيندو. چو ته هن طرف کي نقصان کان بچائڻ لاءِ هي خرچ به گويا الله ڪارڻ خرچ ٿي پوندو. ان عرض ڪرڻ کان پوءِ پاڻ رحم فرمائي شادي جو انجام مقرر فرمايائون.

نقل 11: هيڪر پاڻ زبان مبارڪ سان فرمايائون ته خليفو ميان الهرڪيو قدس سرہ جن پوڪ جو هڪ نار آباد

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪرائيندا هئا. تنهن جو سبب هي هو تہ ڪنهن وقت خليفو صاحب هڪڙي هنڌ ويٺو هو ۽ سندن نينگر بہ هنج ۾ ويٺو هو تہ ايتري ۾ فقيرن جي هڪڙي جماعت دروازي کان اچي لنگهي آئي، تڏهن نينگر خليفي کان ڪارڪن جي لاءِ طلب ڪئي. خليفي صاحب جن فرمايس تہ اي بابا! ڪارڪون حاضر ڪونہ آهن، پر ٻيهر بہ نينگر ڪارڪن جي طلب ڪئي. وري بہ چيائونس تہ موجود نہ آهن، ٽئين ڀيري نينگر چيو تہ هي فقير جو اچن ٿا تن وٽ ڪارڪون هوندیون. تڏهن خليفي صاحب جن پنهنجي پٽ جي طمع واري خيال دفع ڪرڻ لاءِ هڪڙو نار آباد ڪرائيندا هئا ۽ ڪين انهيءَ نار جي آبادي ترڪ کان مانع ڪانہ هئي. ڪنهن بزرگ فرمايو آهي:

چيست دنيا از خدا غافل بودن
نے قماش و نقره و فرزند و زن

يعني: دنيا آهي خدا تعاليٰ جل شانہ کان غافل هجڻ ، باقي ساز و سامان، پيسا، چاندي، زالون ۽ پٽ جيڪڏهن غفلت ۾ نہ وجهن تہ دنيا نہ چئبا.

نقل12: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا وعليہ السلام ڪنهن رستي کان لنگهيا پي ويا، واٽ تي ڏٺائون تہ هڪڙو شخص سمهيو پيو آهي ۽ نماز جو وقت قضا ٿيڻ تي آهي، تڏهن ان کي سڏ ڪري فرمايائون تہ اي شخص! اٿي نماز پڙھ، نہ تہ وقت قضا ٿي ويندءِ، ان شخص جواب ڏنو تہ آئون نماز ڪونہ پڙهندس، حضرت عيسيٰ عليہ السلام پڇيس تہ ڇو؟ جواب ڏنائين تہ هن ڪري جو ، دنيا ترڪ ڪري ڇڏي اٿم. تڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام فرمايس تہ اوئين تون بلاشڪ آرام سان سمهيو پيو هج.

اي عزيز! انهي ئي طرف حديث شريف ۾ اشارو آهي تہ:

تَرْكُ الدُّنْيَا رَاْسُ كُلِّ عِبَادَةٍ

يعني: دنيا جو ترڪ سڀ عبادت جو منڊ ۽ مٿي جي مثال آهي.

نقل 13: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ ديهہ اسڪلڪو واقع ملڪ قلات ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي هڪڙي بروهي شخص عرض ڪيو تہ هڪڙو نئون ڪوهہ ڪٽايو اٿم، خدا تعاليٰ جي نانوَ تي ان چشمي وٽ قدم رنج فرمائي هلي دعا فرمايو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ اوهانجي برڪت سان سندس پاڻي منو ۽ گهٽو ڪري. پاڻ ساڻس گڏجي چشمي تي هليا ۽ اوڏاهون دعا فرمائڻ کان بعد موٽيا اوطاق ڏانهن پي آيا، آئون سندن رڪيب ۾ هٿ وجهيو سندن منهن ۽ اکين مبارڪن ڏانهن نهارينڈو، ڪمال درد ۽ شوق کان روئيندو پي آيس. پاڻ پڇيائون تہ ڇا لاءِ ٿو روئين؟ مون خدمت مبارڪ ۾ عرض رکيو تہ حضرتا! جيڪي منهن مبارڪ ۾ ٿو ڏسان، سو دل ۾ ايئن پيو اچي تہ هڪڙي ئي نظر سان ڪلي فائدي کي پهچي ويندس پر بي نصيبي آهي. پاڻ ٻاجهاري لهجي ۾ زبان مبارڪ سان فرمايائون تہ توکي فيض ٿيندو،پر ڪو وقت ڪپي درجي بدرجي پهچندو. هي بہ

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فرمايائون تہ **"ديرپيا سي درست ٿيا"** . پوءِ نقل ڪري ٻڌايائون تہ هڪڙي شخص ڪنهن بزرگ کان الله تبارڪ وتعاليٰ جي معرفت ۾ سجاٽپ بابت عرض گذاريو. ان بزرگ فرمايو تہ الله تعاليٰ جي سجاٽڻ جي واٽن مان هڪڙي هي آهي جو خدا تعاليٰ جا حڪم ۾ جهلون پوري سنيال سان بجا آڻجن ۽ خلق جي خدمت ۾ پاس خاطري ۾ رڌل هجي. ان شخص پڇيو تہ ڪا بي واٽ آهي؟ بزرگ فرمايس تہ هائو بي بہ هڪ واٽ آهي ۽ آهي بہ تمام ويجهڙي رڳو هڪ وڪ ڪٽڻ جي دير آهي، تہ بس منزل مقصود کي پهتو. ان شخص عرض ڪيو تہ حضرتا! اها هڪ وڪ واري واٽ تہ مهرباني ڪري ارشاد فرمايوم. بزرگ فرمايس تہ اها واٽ هي آهي تہ دنيا ۽ دنيا جا ڪل اسباب ترڪ ڪري ڇڏجن. اهو شخص ڳالهہ ٻڌندي ئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ وڃي پنهنجو سمورو اسباب ترڪ ڪري خدا تعاليٰ جي واٽ ۾ لٽائي آيو. رڳو هڪڙي اوني لوئي جو اڌ هيڻ ۽ اڌ مٿي ڍڪي انهي بزرگ وٽ موٽي آيو ۽ انهي ڪامل شخص ڪيس اهڙي تلقين ڪئي جو هڪڙي ئي نظر سان چوڌهن ابدالن جي جماعت ۾ داخل ڪري ڇڏيائينس:

ترک دنيا گير تا سلطان شوی
ورنہ ہمچو چرخ سرگردان شوی

يعني: دنيا جو ترڪ ڪر تہ بادشاهہ ٻڌجي وڃين ۽ جيڪڏهن ترڪ نہ ڪندين تہ دنياوي خفي ۾ آسمان وانگر سرگردان پريشان ٿيو وتندين.

نقل 14: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو تہ هيڪر مون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! اوهين هن ضعيف کي دنيا جو تارڪ سڏيندا آهيو. حالانڪہ اناج جا ڍڳ وغيره مال ۽ اسباب ڪوڙ مون فقير جي ملڪيت ۾ آهن. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ انهي مال ۽ اسباب ۾ تنهنجو سعيو ۽ اختيار ڪو بہ ڪونهي، تنهن ڪري تون ان کان فارغ دل ۽ تارڪ آهين:

چيست دنيا از خدا غافل بودن
نے قماش و نقره و فرزند وزن

نقل 15: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙو شخص سيد الطائفہ شيخ جنيد قدس سره جي خدمت مبارڪ ۾ حاضر ٿي سندن جماعت جي حلقي ۾ داخل ٿيو. حضرت شيخ قدس سره جي توجہ جي برڪت سان ٿورڙي ئي وقت ۾ دنيا جي حب، جا ڪل مَنايون جو مٿو آهي، سندس دل ۾ بغض سان ميٽجي وئي. مريد ٿيڻ کان اڳ هڪ هزار دينار سندس ملڪ ۾ رکيل هئا، ارادو ٿيس تہ جيڪر اهي پيسا ڪٽي وڃي پنهنجي پير جي خدمت ۾ نذرانو رکان پر وري خيال ڪيائين تہ انهي مبغوض شيءِ کي پنهنجي محبوب يعني مرشد وٽ نيٽ سو بہ ڏاڍو گندو ڪم ۽ بي ادبي ٿي پوندي، تنهن ڪري ارادو ڪيائين تہ ٻين ماڻهن کي ورهائي ڏيان، پر وري دل ۾ خيال آيس تہ خدا تعاليٰ جي خلق کي فساد ۽ گندگي ۾ اڇلائڻ يعني دنيا ۾ ڦاسائڻ سو بہ خراب ڪم آهي. تنهن ڪري ڇا ڪيائين جو اهو هزار دينار ڪٽي

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

درياءَ جي پڪ تي آيو ۽ خيال ڪيائين تہ ڪٽي سمورائي ڳڏي درياءَ ۾ اڇلايان. پر وري پنهنجي نفس جي جلائڻ ۽ ايذاءَ لاءِ هڪ هڪ ڪري درياءَ ۾ اڇلائڻ لڳو. جو اهو هڪ هڪ دينار نفس لاءِ هڪ هڪ ڏنپ جي مثال پيي لڳو. انهن دينارن اڇلائڻ شرط ڪيس الله تبارڪ وتعاليٰ جو مشاهدو نصيب حال ٿي ويو. ان کان پوءِ پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! الله تبارڪ وتعاليٰ جي وات ڳچ پنڌ آهي؟ حضرت شيخ قدس سره جواب ۾ فرمايس تہ ڪلئي هڪڙي وک هئي، جنهن کي تو هزار وکون ڪري وڌيون. پاڻ هي بيت زبان مبارڪ سان فرمايائون:

مال و جاں را تو برو یک جا بباز
راہ نزدیک ست چرا کردی دراز

يعني: پنهنجو مال ۽ ساهہ پنهنجي محبوب تي هڪڙي هنڌ ئي ڪٽي قربان ڪر رستو تہ بلڪل ويجهڙو آهي ، تنهن کي ڇو ڪٽي ڊگهو ڪيو اٿئي.

نقل 16: علي خان لغاري نقل ڪري ٻڌايو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر تي چڙهيا هئا،پوءِ آڻون کين زيارت ڪرائڻ لاءِ پنهنجي گهر وٽي آيس، ۽ اتي عرض ڪيم تہ حضرتا! جيڪڏهن اڄ رات حضور جن مهرباني فرمائي ترسن تہ ٻہ ڳئون جي منهنجي ملڪيت ۾ آهن سي ڪهي فقيرن کي ڪارايان ۽ منهنجي ترار ۾ چاندي جو ڪڙيو آهي سوٻہ جيڪر وڪٽي ان خريد ڪري گهوڙن جو داڻو پيش ڪيان. پاڻ جواب ۾ فرمايائونس تہ هڪڙي شخص کي پنهنجي مرشد جي صحبت مان دنيا جي ترڪ جي نعمت نصيب ٿي. پوءِ جيڪي ٻہ سندس ملڪ ۾ هو سو ڪل ڪٽي اچي مرشد جي اڳيان رکيائين ۽ چيائين تہ حضرتا! هي دنياوي اسباب منهنجي نظر ۾ ڏاڍو ٻچڙو ٿو لڳي، مرشد چيس تہ عجب آهي جو جيڪا شيءِ تنهنجي نظر ۾ ٻچڙي ٿي لڳي سا ڪٽي اسان جي اڳيان رکي اٿئي. تڏهن سندس مريد انهي دم اهي شيون ڪٽي وڃي درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيون.

نقل 17: الهڏنو حجم نقل ڪري ٻڌايو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جو سفر ڪندي مڪرين جي ديهہ ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. اتي عبدالسلام فقير رهندڙ ديهہ متين جو، جو تارڪ الاسباب هو، حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ سوا رپيو سندن اڳيان نذرانو پيش ڪيائين، پاڻ سوا رپئي ڏسڻ سان جوش ۾ اچي فرمايائونس تہ اي يار! عجب آهي جو طلب جي دعويٰ هوندي ٻہ هيترو مال گڏ ڪيو اٿئي.

نقل 18: طيب فقير نقل ڪري ٻڌايو تہ هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ ڪي ٻہ شخص پاڻ ۾ دوست هوندا هئا.تن مان هڪڙي ڪي هڪڙي قميص ملڪيت ۾ هوندي هئي ۽ ٻي سندس دوست ڪي ٻہ قميصون هيون. اتفاقاً اهو هڪڙي قميص وارو هن دنيا مان رحلت ڪري ويو، هو ٻيو يار جنهن جي دل سندس قرب ۾ قائل هئي تنهن کي سندس جدائي ۽ فراق ڪري، ڏينهن رات روج، جهجهڙ ۽ زاري ۾ پيو گذري. هڪڙي رات ان دوست کي ننڊ ۾ ڏٺائين تہ بهشت جي مٿانهن درجن ۾ وينو عيش عشرت ڪري ۽ مزا ماڻي. هي سندس ڏسڻ سان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ارادو ڪيائين تہ جيڪر ساڻس وڃي ملاقات

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪريان. پر اجان اڳيرو وڌيو تہ ڪيس اوڏانهن وڃڻ کان اڳي روڪيائون ۽ چيائونس تہ هي جاءِ ٻن قميصن جي مالڪ لاءِ نہ آهي. ويچارو پنهنجي دوست جي ملاقات کان نااميدي ۽ هيبت ڪري سڃاڻ ٿي پيو. صبح ساڻ اٿي اهي ٻئي قميصون ترڪ ڪري ڇڏيائين. ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ وري خواب ۾ پنهنجي يار کي انهن بلند درجن ۾ ڏٺائين ۽ساڳن دربانن جوابدارن کي ڏٺائين تہ ڪيس پاڻهئي سڏ ڪري وڃي دوست سان ملايائونس، چيائونس تہ هينئر پلي تہ ٻئي پاڻ ۾ ملاقات ڪري خوش خورم ٿيو.

نقل 19: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ جيڪو ماڻهو هن زماني ۾ امالڪ دنيا جا تعلقات ٽوڙي ۽ اسباب کي ڇڏو ڪري پنهنجو پاڻ الله تبارڪ وتعاليٰ جي حوالي ڪڍي ڪندو تہ اهو هن وقت بہ اصحاب ڪهف مان ليکيو ويندو.

اي عزيز! اصحابِ ڪهف جي فضيلت ايتري قدر آهي جو سندن صحبت جي برڪت سان ڪتو، جو مطلق حيوان ۽ هڪ درندو جانور آهي، سوبہ اعليٰ مرتبي کي پهچي ويو:

سگ اصحاب کہف روز چند
پئے نيکان گرفت مردم شد

يعني: اصحابِ ڪهف جو ڪتو رڳو بہ ٿي ڏينهن نيڪن جي پوئتان لڳو تہ ماڻهو بڻجي پيو. اي عزيز! اصحابِ ڪهف جا، دقيانوس جي دين کان ڀڄي اچي غار ۾ لڪا هئا، پر جن شخصن خاص خداوند ڪريم لاءِ دنيا کان بيزاري ڪري اچي خدا تعاليٰ جا طالب ٿيڻ ٿا خيال ڪيو تہ سندن مرتبو ڪيڏو نہ وڏو ۽ اعليٰ هوندو.

نقل 20: ساڳو خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪڙو فقير سندن مريدن مان تارڪ الاسباب هو،پوءِ هڪڙي ڏينهن ان کان پڇيائون تہ اي سهٽا!هينئر پوڪ ڪندو آهين؟ عرض ڪيائين تہ هائو سائين، پاڻ فرمايائونس تہ انهي ٻني پوکڻ کان توکي مرڻ موچارو هو. اي عزيز نظر محڪم رکج:

مئہ صرف وحدت کسے نوش کرد
کہ دنيا و عقبیٰ فراموش کرد

يعني: وحدت وارو خالص شراب انهن کي ئي نصيب ٿيو آهي، جن دنيا ۽ آخرت ٻئي وساري ڇڏيا آهن.

ڪنهن شاعر سنڌيءَ ۾ چيو آهي تہ:

کي مَ قبولج ڪاپڙي گذر ڪيو گذران
عليءَ جو ميدان! سکر سناسين کي

اي عزيز! ڪاپڙي مان مراد آهي طالب خدا تعاليٰ جو. ۽ حضرت علي رضي الله عنه جي ميدان مان

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مقصود آهي فقر، يعني تہ اي طالب! هي دنيا جو گذران يعني فاني گذران نہ قبولج. ڇوتہ طالبن سچن جي لاءِ فقر فاقي جو گذران ئي نهايت چگو آهي. انهيءَ ڏانهن ئي حديث شريف ۾ اشارو ٿيل آهي تہ ، "الفقر فخری"فقر منهنجو فخر آهي.

نقل 21: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو تہ مسجد شريف جي نهرائڻ مهل هڪڙي فقير سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪڏهن گل ميخن جون بونبيون قلعي ڪرائجن تہ هوند ڏاڍيون سهڻيون نهن. پاڻ فرمايائون تہ پئسا موجود ڪين هن، جيڪڏهن الله تعاليٰ جل شانہ موڪليا تہ انهيءَ ڪم ۾ خرچ ڪنداسون پوءِ انهي ئي ڏينهن هڪڙي شخص نذراني جا پنج رپيا سندن هٿ مبارڪ ۾ آڻي ڏنا. پاڻ تريءَ تي ونندي ئي ائين ڪٽي زمين تي ڦٽا ڪيائون. فرمايائون تہ هي پئسا گل ميخن جي قلعي ڪرائڻ ۾ خرچجو.

نقل 22: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ جيڪي شخص دنيا جا تارڪ آهن، سي تہ نهايت موچارا آهن. پر جيڪي دنيا جا طالب آهن پر انهن کي نفس جي مطلب موجب دنيا هٿ ڪانہ ٿي اچي تہ انهن سان بہ ڏٽي تعاليٰ جي مهرباني سمجهبي. ڇو تہ وارد ٿيل آهي تہ: "ان من العصمة ان لا يقدر عليه" هي بہ گناهن کان ڏٽي تعاليٰ جي طرفان عصمت ۽ بچاءُ ڇئبو جو انهن گناهن تي ماڻهو قادر نہ ٿي سگهي.

نقل 23: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو تہ سندن روش مبارڪ هوندي هئي تہ جيڪڏهن ڪو شخص مريدن مان دنياوي اسباب ترڪ ڪندو هو، تہ پاڻ ان تي ڏاڍو راضي ٿيندا هئا ۽ سندن طبيعت مبارڪ ۾ خوشي ۽ فرحت جا نشان پيدا ٿي ويندا هئا. پوءِ جڏهن مون بہ دنياوي اسباب ۽ سرڪاري توسل ڪلئي ڦٽا ڪري حضور جن جي مريدي وارو ڏاڳو پنهنجي ساهہ واري ڪنڌ ۾ ٻڌم. تڏهن هيڪر گندا واهہ جي سفر ۾ مير خان لاسي جنهن جي گهر ۾ نصير خان بروهي جي نياڻي ڏنل هئي. سو اتي گندا واهہ ۾ حضور جن جي زيارت لاءِ آيو هو، پوءِ پاڻ ڳالهين جي وچ ۾ مونکي گهرائي ڪيس ڏيکاريائون تہ هي يار ٻروچ نظاماڻين جي قوم مان آهي، جو مير فتح علي خان ٽالپر وٽ ملازم هو، سير شڪار وغيره ۾ ساڻس هم رفيق هو، دنياوي اسباب بہ تمام گهٽو هوس پر سپ ڦٽا ڪري اچي فقيري قبول ڪئي اٿس ۽ بي پيري ابوالخير ڏاهري درگاهہ مبارڪ تي زيارت لاءِ آيوهو. ان وقت بہ مونکي گهرائي ڪيس ڏيکاري فرمايائون تہ هي يار بہ دنيا جي تارڪن مان آهي، ان وقت پاڻ طبيعت مبارڪ جي فرحت سان ڪلندي ڳالهيون ٻولهيون وينِي ڪيائون.

نقل 24: حضرت پيرسائين پڳ ڏٽي (سيد علي گوهر شاهہ اول بنگلي ڏٽي قدس سره) پنهنجي والد مڪرم حضرت خليفة الله مسند نشين (اول) قدس سره کان نقل ڪا فرمائن تہ هيڪر پاڻ ترڪ وارن ڏينهن ۾ بدن تان ڪپڙا لٽا بہ لاهي پري ڪري ڇڏيا هئائون. رڳو هڪڙو ڪپڙي جو ٽڪر هون جنهن سان دن کان ونِي گوڏن مبارڪن تائين سترعورت جو ٿيل هو، پاڻ انهيءَ حال سان مسجد شريف ۾ وينا هئا ۽ حاضر مجلس ڪل ئي فقير بہ اهڙي طرح اگهاڙائپ جي لباس سان سينگاريل هئا. صاحبزادو

سڳورو ٿو فرمائي ته ان وقت اسان ننڍڙائي جا ڏينهن هئا، اتي سندن حضور مبارڪ ۾ وڃي حاضر ٿيس. پاڻ مون کي هڪڙو پهرياڻ ڳچيءَ ۾ پيل ڏسي جوش سان فرمايائون ته لاهي ڇڏيوس، فقير جو اٽيا سو يڪدم پهرياڻ کي ٻيڙين کولڻ کان سواءِ ئي قاڙي لاهي ڪٽي اڇلايائون. ان کانپوءِ هيڪر فرمايائون پي ته ان وقت اسان کي هي خيال هو ته زمين تي اسان جي پهرڻ لاءِ ڪپڙا ۽ کائڻ لاءِ طعام بلڪل ڪونه آهي، پر جيڪڏهن ڪٽي نفس سستي ڪئي ته به ڪاڏي لاءِ وڃڻ جا پن ۽ اوگهڙ ڏيڪڻ لاءِ به وڏن وڃڻ جا پن استعمال ڪيا ويندا.

نقل 25: يعقوب فقير ڏيڻو نقل ڪري ٿو ته هيڪر خليفي ميان عبدالرحمان سندن حضور مبارڪ ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! آسماني پکي زمين تي ڇو ڪريو پيو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته بار جي ڳورائي ڪري جا سندس ڪنين تي ٽي پئي آهي، انهي ڳورائي ڪري ئي پنهنجي وطن کان پري پئجي ويو آهي، پر جي اها ڳوراڻ دفع ڪري ڇڏي ته جيڪر جهٽ پٽ پنهنجي آکيري وٽ پهچي وڃي. خليفو صاحب اهو ٻڌي انهي مهل دنيا جو ترڪ ڪري هڪڙو ڪپڙو هيڻ ۾ مٽي ڏيڪي اڇي ويڙ ۾ وري ساري عمر تارڪ الاسباب رهيو.

نقل 26: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته ڪو بزرگ، صاحب ڪماليت جو هو، تنهن وٽ مالڪيات ڳڇ ساري اڇي گڏ ٿي هئي،تنهن جي خبر بادشاهه وقت جي ڪي پئجي وئي، بادشاهه چوڻ لڳو دنيا جو مال بادشاهن جي ملڪيت آهي. فقيرن کي سڃائي بهتر آهي. ايئن ڇئي ارادو ڪيائين ته انهي بزرگ جي اها مالڪيات ملڪيت ڦرائي وڃجي. بادشاهه جي انهي ارادي جي خبر فقير کي پئجي ويئي سو پنهنجي خادم کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ چوڻ لڳو: "تانبڪ باجي تانبڪ باجي" يعني ته ڇا صلاح آهي؟ خادم عرض ڪيو ته " لوئيا ڪوتا جونيا نلاگي" يعني ته سٺ لاهي ڇڏيو ته جونءِ نه پٽين، بزرگ يڪدم حڪم ڪيو ته ڪل ملڪيت لٽرائي ڇڏيو. جا بنا دير فقيرن کي ورهائي ڏئي ڇڏيائون. بادشاهه انهي ڳالهه ٻڌڻ شرط پشيمان ٿي ان بزرگ جي حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ وڏي زاري نيزاري سان بزرگ کان پنهنجي ارادي جي معافي گهريائين ۽ سندس رضا طلب اچي ٿيو.

نقل 27: هيڪر پاڻ، حضرت ميان سائين (پيرسائين سيد محمد بقا شاهه پٽ ڏٽي) قدس سرہ کان نقل بيان فرمايائون ته طلب وارن ڏينهن ۾ جڏهن حضرت مخدوم صاحب جن قدس سرہ جي خدمت ۾ ايندا ويندا هئاسون. تڏهن هڪڙو تپو زمين وسندڙ جو، جو خيراتي چڪ طرح اسانجي ابن ڏاڏن کان اسان جي تصرف ۾ هيو، آباد ڪرائيندا هئاسون، پوءِ هيڪر حضرت مخدوم صاحب (محمد اسماعيل پريالوي) قدس سرہ جي حضور مبارڪ ۾ وينا هئاسون، تڏهن مخدوم صاحب جن فرمايو ته شاهه جي! تپو به هڪ تپ آهي. اهو ٻڌي انهي ئي وقت ترڪ ڪري ڇڏيوسون. جو وري دل ۾ خيال به سندس ڪونه آيو.

نقل 28: سلطان فقير تالپر رهندڙ ديهه ڍگهڙيءَ جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ وينو هوس ته ايتري ۾ هڪڙي شخص هڪ رپيو نذراني جو آڻي سندن خدمت مبارڪ ۾ اڳيان رکيو. ان

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

وقت جيڪي فقير حاضر هئا ، سي اهڙا تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي شهود ۾ محو ٿيا ويٺا هئا جو ڪنهن کي بہ ان رپئي جي خبرڪاڻ پيئي. تنهن ڪري رپيو ڪنهن ڪوبہ ڪنيو ۽ اتي ئي رهجي ويو. گهڙي کن کان پوءِ هڪڙي شخص عرض ڪيو تہ حضرتا! نذراني جو رپيو اتي ئي پيو آهي، ڪوئي ڪونہ ٿو ڪٽي. پاڻ سندس انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ شرط پيشاني مبارڪ ۾ گهنڊ جي اثر سان نهاري فرمايائونس تہ مون کي ڪوبہ احتياج ڪونهي جيڪڏهن توکي گهرجي تہ ڪٽي وڃ.

نقل 29: عبدالله فقير، محمد عاقل فقير کان نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر هوس، تہ هڪڙو فقير، جو تارڪ الاسباب صاحب توڪل جو هو، تنهن پنهنجي ننڍڙي پٽ جي کير پيئڻ لاءِ جو نئون ڄائو هو، هڪڙي ٻکري خريد ڪئي هئي، سو انهيءَ ٻکري تي وري ٻي ڪنهن شخص هٿ رکيو، تنهن بابت سندن حضور مبارڪ ۾ ڳالهہ ٻولهہ هلي پاڻ انهيءَ فقير کي فرمايائون تہ اي يار! ماڻهو پنهنجا اڳيان ٽپڙ بہ پيا ترڪ ڪن، ۽ تون وري نوان نوان اسباب پيو پنهنجي ملڪيت ۾ آڻين. هن ويچاري عرض ڪيو تہ حضرتا! نينگرڙي جي کير پيئڻ لاءِ جو هينئر پيدا ٿيو اٿم خريد ڪئي هيم، پر اڳتي توبہ استغفار ڪيم.

نقل 30: عبدالله فقير نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ هڪڙي وقت اسان کي دل ۾ خيال ٿيو تہ جيڪر هڪ ويسو ڪن ووٹن جو آباد ڪرايون، پوءِ ان بابت حضرت ميان سائين (پيرسائين سيد محمد بقاشاهہ پٽ ڏٽي) قدس سره جي خدمت ۾ عرض گذاريوسون، پاڻ فرمايائون تہ بابا! بہ ويسا وڃي آباد ڪريو. فرمودي موجب بہ ويسا ڪياسون پر ان جي آبادي ڪرڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ۽ هلاڪي ۾ پياسون. ڪڪ ٿي هيڪر سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيوسون تہ حضرتا! بن ويسن وونئڻ جي، اسان کي ڏاڍو هلاڪ ڪيو آهي. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ تڏهن تہ اسان اوهان کي بن ويسن آباد ڪرڻ لاءِ تحريص ڪئي سون. ڇو تہ جيڪو ماڻهو دنيا جي ڪمن کان ڪڪ ۽ عاجز ٿي پاڻهي ڇڏو ڪندو آهي تہ پوءِ وري ان جي ويجهو بلڪل نہ ويندو. پر جيڪو زور سان ڇڏو ڪندو تہ ضرور سندس دل ۾ دنيا جا خيال ايندا رهندا.

نقل 31: ساڳيو عبدالله فقير نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ خيرپور ۾ مير زنگي خان ٽالپر جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا. ان پيري اندران حاويلي مبارڪ مان ست رپيا ڪن شين جي خريد ڪرڻ لاءِ فقيرن جي حوالي ڪيا هئائون، پر اهي پيسا ڪل ئي خيرپور ۾ وڃائجي پيا، جنهن جي ڳولا ڇولا لاءِ فقيرن پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون پي ڪيون سي ڳالهيون سندن ڪن مبارڪ تي پهتيون، پاڻ پڇيائون تہ ڪهڙين ڳالهين ۾ لڳا پيا آهيو؟ عرض ڪيائون تہ حضرتا! ست رپيا ڪن شين جي خريد ڪرڻ لاءِ اندران حاويلي مبارڪ مان مليا هئا، سي ڪو ڪٽي ويو. پاڻ فرمايائون تہ خدا تعاليٰ ڏنا هئا ۽ انهي ئي نيا آهن، توهان ڪهڙي خيال ۾ پيا آهيو.

نقل 32: اميد علي فقير ٽالپر نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ غلام محمد انڙ جي ذمي ڪي سرڪاري پيا

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

رهيل هئا، تن جي ڇڏائڻ لاءِ حيدرآباد ۾ تشريف فرما ٿيا هئا.(اهو سمورو نقل هن ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ بيان ٿيل آهي.) پوءِ پاڻ جڏهن حيدرآباد ۾ اچي لٿا تڏهن مير غلام علي ٽالپر پئسن جي معافيءَ ۾ البت دير مدار ۽ ڊپ ڪرڻ لڳو. جنهن ڪري پاڻ ۽ ٽي ڏينهن حيدرآباد ۾ ترسي پيا.خليفو چوي ٿو ته ميرڄام ٽالپر پنهنجي ٽنڊي ۾ گهرائي مونکي چيو ته توهين ملا عبدالغني سان جو منهنجو ملازم آهي، گڏجي حيدرآباد ويجو ۽ سرڪار ۾ جيڪي ست هزار رپيا منهنجي ملازمت جي تنخواهه جا رهيل آهن، سي انڙ فقير جي قرض ۾ ڏيئي ڪيس آزاد ڪرائي، حضور جن کي دعوت ڪري هيڏانهن وٺي اچو ته پنهنجي تشريف فرمائي سان اسان جي عزت افزائي فرمائن. مير جي چوڻ موجب آئون ۽ ملا عبدالغني گڏجي حيدرآباد وياسون ۽ مير جو عرض خدمت ۾ پيش ڪيوسون. پاڻ جواب ۾ ڪا ورندي ڪانه ڏنائون،خاموش رهيا،اهو زميندار انڙ ٻه اتي حاضر هو،سو خوشيءَ مان پرجي ميان قابل شاهه رحمة الله عليه وٽ ويو ۽ ڪيس وٺي حضور ۾ عرض گذاريائين ته جيڪر مير ڄام جو چوڻ قبول ڪجي. پاڻ ان تي البت جوش ۾ آيا ۽ سختي سان فرمايائون ته اهڙين تدبيرن ساڻ ئي ته هلاڪيءَ ۾ پيا آهيو ۽ پوندؤ. مير غلام علي جو ناحق جا پيا ڪٽي ٻڌا اٿس تنهن کي پيساڇڏڻ ڏکيا ٿا لڳن. باقي مير ڄام جو اسان جو مريد آهي، تنهن کي هيترا پيسا پري ڏيڻ ڏکيا نه لڳندا ڇا؟ اسان هرپرو ايترو بار مٿس ڪونه رکنداسون، ان کانپوءِ مون مير ڄام جي جواب لاءِ ارشاد فرمائڻ بابت عرض ڪيو. پاڻ جواب ۾ هي نقل بيان فرمايائون ته ڪو بادشاهه هو،تنهن پنهنجي ڪنهن نوڪر کي قيد ڪرايو هو. تنهنجي ڇڏائڻ لاءِ بادشاهه جي وزير تمام گهٽي ڪوشش ۽ ڇئو چواءِ ڪري ڪيس قيد کان آزاد ڪرائي ڇڏيائين. ان کان پوءِ اهو نوڪر ڪنهن مٿئين عهدي تي پهچي ويو ۽ عزت ۽ درجي لهڻ کان پوءِ ان وزير سان سپ ڪنهن ڳالهه ۾ مخالفت ڪرڻ لڳو. ڪنهن ماڻهو ڪيس چيو ته عجب آهي جو وزير جنهن توسان هيتري چڱائي ڪري قيد کان ڇڏايو آهي ۽ احسان ڪيا اٿس، تنهن سان تو ايتري قدر مخالفت لاءِ ڪٽي ڪمر ٻڌي آهي، نوڪر جواب ڏنو ته هن مخالفت جو سبب هي آهي ته مونکي وزير جي ڇڏائڻ جي احسان کان بادشاهه جو قيد زياده پسند ٿواچي. مون اهو پيغام مير ڄام کي وڃي پهچايو پوءِ جڏهن پاڻ پيسا معاف ڪرائي موٽيا، تڏهن مير ڄام جي دعوت جي اجابت لاءِ سندس ٽنڊي، تشريف فرما ٿا. مير اندر حاويليءَ ۾ جنابت جو تڙ وينو ڪيو. جنهن ڪري خدمت سڳوريءَ ۾ حاضر ٿيڻ ۾ البت دير ٿي ويس، جنهن ڪري سندن طبيعت تي استغناءُ ۽ بي پرواهي جو اثر ڏيکارجڻ لڳو، پوءِجڏهن مير اچي قدمبوسي کان مشرف ٿيو، تڏهن پاڻ مونکي خطاب ڪري فرمايائون ته هينئر اسين موڪل ٿا گهرون. جيتوڻيڪ مير ترسڻ لاءِ ڏاڍا ايلاز منٿون ڪيون، پر پاڻ يڪدم اتي اچي سوار ٿيا. آئون زيارت لاءِ ڪين پنهنجي گهر وٺي ويس. اتي مير پنهنجي هڪڙي نوڪر هٿ هڪ سؤ رپيا نذراني جا ڏياري موڪليا جو پيسا ڪٽي اچي در تي بينو. جڏهن پاڻ گهر کان ٻاهر نڪتا تڏهن انهي نوڪر پئسن جي قبولڻ لاءِ عرض گذاريو، پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته اهل دنيا جا انهن پئسن کي ڪا وڏي نعمت ڪري ٿا

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سمجهن، اسان تہ انهيءَ کي اصلي طلاق ڏيئي ڇڏي ڪئي آهي، تنهن ڪري ان سان اسان جو ڪو ڪم ئي نہ آهي، پاڻ اهي پئسا قطعي قبول نہ ڪيائون.

نقل 33: قاضي محمد شفيع ﷺ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر درگاهہ مبارڪ تي سندن حضور پر نور ۾ وينو هوس، ان وقت هڪڙي شخص سندن آڏو چار رپيا ۽ ٿورا ننڍا ڇوٽا نذرانو آڻي رکيا، جيڪي مون کڻي ڳڻيا ۾ ٻڌي ڇڏيا. جڏهن پاڻ حاويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرما ٿيا، تڏهن ڏيوڏيءَ وٽ مون عرض ڪيو تہ حضرتا! ڪجهہ نذرانو آهي. پاڻ هٿ مبارڪ ڌوئي ڪيائون مون پهريان ئي ڇوٽا سندن هٿن مبارڪن ۾ ڏنا، جي پاڻ وڻي رومال ۾ ڳڻي ٻڌائون مون عرض ڪيو تہ حضرتا! ٻيو بہ ڪي آهي. پاڻ وري بہ هٿ ڌوئي ڏيکاريائون، تڏهن چار رپيا بہ کڻي سندن هٿ ۾ ڏنم ، پاڻ ڏسڻ شرط ٽڏو ساهہ کڻي فرمايائون تہ اي ادا! انهيءَ نا مراد کي اسان جي هٿ ۾ ٿا ڏيو. خليفو ٿو چوي تہ اهو منظر ڏسي وري ڪڏهن نذراني جا پئسا ڪونہ ڪنيم.

فصل ٽيون
الله تبارڪ و تعاليٰ تي توڪل ڪرڻ بابت

نقل 1: خليفو ميان لقمان رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ جمعي جي نماز ادا ڪرڻ بعد ڪرسيءَ تي ويهي توڪل بابت وعظ فرمايائون. حاضرين جماعت جوش، وجد ۽ روچ ۾ اچي ويا هئا. وعظ هلندي پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ تي توڪل ڪندؤ ته اوهان کي ڪو به ڏک يا اهنج ايذاءُ ڪونہ پهچندو، بلڪ توهان جي وات ۾ پيا ماڻهو اچي گرهہ وجهندا. جيڪڏهن منهنجي انهي چوڻ تي اوهان کي پت نہ پوي ته آئون انهيءَ جي قسم بابت ڪلام الله ڪٽي ڳالهہ ڪريان. اتي هن فقير کي ڏاڍو دل ۾ افسوس ۽ ارمان ٿيو ته، اسان جو مرشد ڪامل مڪمل اهڙي طرح وعظ پيا فرمائن ۽ اسان مريدن کي پت ئي ڪانہ ٿي پوي ته پوءِ اسان جو ايمان ڪٿي آهي، بلڪ ڪافر آهيون. ان کان پوءِ پنهنجي دل ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ سان واعدو ڪري چڏيم ته اڳتي پنهنجي نفس جي ڪوشش ۽ سعي سان ڪنهن بہ ڪم جي ويجهو نہ ويندس ۽ دعا بہ گهريم ته اي خداوند ڪريم! منهنجي مرشد جي برڪت سان مونکي توفيق عطا فرماءِ ته هن کان پوءِ وري نفس جي مراد تي بلڪل نہ وڃان. پوءِ سندن برڪت سان الله تبارڪ و تعاليٰ منهنجي دل کي ايتري قدر ڪشادگي عطا فرمائي جو سيني ڏکن ۽ اندوهن کان چوٽڪارو حاصل ڪري وڏم ۽ اهي راز پنهنجي دل ۾ مخفي کي چڏيم.
مولانا رومي قدس سره ڪهڙو نہ چڱو فرمايو آهي:

ہیں توکل کن ملرزاں پاء و دست
رزق تو بر تو ز تو عاشق تر ست

يعني: هوشيار ٿيءُ ۽ توڪل تي محڪم ٿي بيهہ، هٿ پير هلائڻ ۽ لوچڻ جي پچر ڇڏي ڪري چڏ، چو ته جيئن تون پنهنجي رزق لاءِ پريشان آهين، تيئن تنهنجو رزق توکان بہ وڌيڪ تو مٿان عاشق آهي.

بر سر ہر دانہ بنوشتہ عیاں
ایں نصیب ابن الفلاں ابن الفلاں

يعني: سڀ ڪنهن ڏاڙي ڏاڙي جي مٿان لکي چڏيو اٿن، ته هي ڏاڙو فلاڻي پٽ فلاڻي جو نصيب آهي.
نقل 2: هيڪر پاڻ فرمايائون ته شيخ آدم بنوري قدس سره 'خلاصة المعارف' ۾ لکيو آهي ته هڪ وقت اسان جي بنيءَ تي فقيرن جي کاڏ خوراڪ لاءِ بن ٽن ڏينهن جي اندر هڪ ڪروڙ روپيہ خرچ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اچي ويو ، جنهن ڪري عام خلق اسان تي ڪيميا گري جي تهمت رکڻ لڳا ۽ ڪي وري عمليات ۽ دعائن جو اثر چوڻ لڳا. پر شيخ قدس سره لکي ٿو ته مونکي ذات پاڪ جل شانه و عم نواله جو قسم آهي ته رزق جي حق ۾ منهنجو ايمان ۽ يقين هنن ٻن آيتن سڳورين تي تمام محڪم ۽ پڪو آهي ۽ جيڪڏهن مون وٽ ڪيميا آهي ته به انهن آيتن تي يقين واري ڪيميا آهي ۽ جي عمليات آهي ته ويساهه واري عمليات اٿم. انهن مان هڪڙي آيت شريف هي آهي: وَفِي السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ يعني: اوهان جي روزي آسمان ۾ آهي ۽ اهو به جنهن جو اوهان کي انجام ڏجي ٿو.(يعني بهشت) ۽ ٻي آيت شريف ۾ آهي ته: فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ الله تعالىٰ تي توڪل ڪريو ،جيڪڏهن اوهين ايمان وارا آهيو.

نقل3 : هيڪر پاڻ فرمايائون ته هڪڙي رات مينهون چارڻ ويا هئاسون. پوءِ مينهون رات جي وڳڙي ۾ چرنديون نظر کان گم ٿي ويون، تڏهن خدا تعالىٰ سان واعدو ڪيوسون ته جيڪڏهن مينهون ڪنهنجي پوڪ ۾ نه پيون ته هيتري صلوات سڳوري پڙهنداسون، پوءِ اتي ويهي رهياسون تان ته صبح ٿيو. نماز فجر ۽ اشراق ٻئي اتي ادا ڪري پوءِ اتي نهاريوسون ته پوڪ جي وچ ۾ هڪڙي گاهه جي ڏڙي بينل هئي، سيئي مينهون اتي پيون چرن ۽ باوجوديڪ چوڌاري پوڪ بينل هئي، مگر گاهه کان سواءِ ٻي هنڌ چڪ نه هنيائون. پوءِ پاڻ فرمايائون ته اي يارو! ٻڌي ڇڏيو. اوهان مان ڪنهن کي به ڪو ڪم مشڪل يا ضرورت درپيش اچي ته، الله تبارڪ وتعالىٰ ڏانهن رجوع ڪري ته الله تعالىٰ جل شانه اها مشڪل آسان ڪري ڏيندس.

نقل4 : هيڪر پاڻ فرمايائون ته اسان جي ٻيڙيءَ جي ملاح جو نالو آهي" توڪل"، پوءِ ان ڪشتيبان کي جڏهن ٿو وٽي،اُتي ٻيڙو ڪاهي ٿو وڃي۽ جڏهن ٿو ترسائي اتي قرار وٺون ٿا.

پوءِ هي بيت فرمايائون:

سُپر دم بتو مايه خويش را
تو داني حساب کم و بيش را

يعني: پنهنجي موڙي تنهنجي حوالي ڪري ڇڏي سون ، پوءِ گهٽ وڌ جو حساب مڙئي تون ڄاڻين ٿو.

نقل5 : احمد خان فقير نظاماڻي وينل ٽنڊي بهادرفقير خان نظاماڻي جو نقل ڪري ٿو ته، هيڪر پاڻ سانجهي جي نماز کان پوءِ فقيرن جي جماعت ۾ هي ڳالهه فرمايائون ته، اسان کي الله تبارڪ وتعالىٰ اهڙي طرح ته روزي ٿو پهچائي جو نه ڪنن ٻڌو هوندو ۽ نه اکين ڏٺو ۽ نه وري ڪنهن جي دل ۾ اهڙو خيال ئي اچي سگهندو. پوءِ فرمايائون ته: اڄ اندر حاويلي ۾ ويا هئاسون اتي وضو ويني ساريوسون ته اندران چيائون ته ننڍڙي ڪٽوليءَ لاءِ واڻ کپي ٿو،جڏهن وضو ڪري اتان ٻاهر باغ ڏانهن نڪتاسون ۽ باغ ۽ حاويلي جي وچ تي جيڪو دروازو آهي، اتي پهتاسون،ڏٺوسون ته هڪڙو فقير واڻ جي پٽارڪ نڌراني لاءِ ڪنيون درجي ٻاهران بينو آهي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل6 : خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته، هيڪر مون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض گذاريو ته حضرتا! نبين سڳورن عليهم السلام کي توڪل ته ڪامل هئي پر تنهن هوندي به ڪسب ڪيائون. تنهن جو ڇا سبب آهي؟ پاڻ فرمايائون ته نبي سڳورا وحي جا تابع ٿيندا آهن ، جيڪي ڪندا آهن سو حڪم سان ڪندا آهن. اهڙي طرح اولياءَ سڳورا به الهام جا تابع هوندا آهن. الهام عين امر آهي. پوءِ هو به جيڪي ڪن ٿا، سو امر سان ٿا ڪن. وري عرض ڪيم ته حضرتا! اهل ظاهر جا فقيرن جي جماعت سان اها حجت وٺي بحث ٿا ڪن ته نبين سڳورن به ڪسب ڪيو آهي، اوهان چو نه ٿا ڪسب ڪريو؟ پاڻ فرمايائون ته ايمان سڀني نبين پيغمبرن تي آٽڻ فرض آهي، مگر متابعت رڳو پنهنجي پيغمبر ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جي اسان تي فرض آهي. جيئن قرآن شريف ۾ وارد ٿيل آهي ته:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ (ال عمران : ٣١)

ترجمو: اي پيغمبر ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم! تون ماڻهن کي ٻڌاءِ ته جيڪڏهن توهين الله تبارڪ وتعاليٰ جي محبت رکو ٿا ته پوءِ منهنجي تابعداري ڪريو ته اوهان کي الله تعاليٰ دوست رکندو.

نقل7 : هيڪر پاڻ جمعي نماز کان پوءِ، وعظ بيان پي فرمايائون وعظ کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ حاضر جماعت فقيرن کي فرمايائون ته: اي يار! ٻڌو جو آئون سچ ٿوچوان ته، الله تعاليٰ جل شانه تي توڪل ڪريو ۽ پنهنجي دل سندس حوالي ڪري ڇڏيو. ڇو ته مون کان پوءِ وري اوهان کي اهڙي طرح ڪوئي به نصيحت ڪونه ڪندو. پوءِ فرمايائون ته جيڪڏهن اوهانکي ڪنهن حاڪم جي طرفان طعام کائڻ جي دعوت مليل هجي ته جيڪر پڪ ڄاڻو ته ضرور طعام کارائيندو. پوءِ انهي احڪم الحاڪمين جي فرمودي تي چو نه ٿا يقين رکجو جو فرمايو اٿس ته:

فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ (المائده : ٢٣)

ترجمو: جيڪڏهن ايمان وارا آهيو ته الله تعاليٰ تي توڪل ڪريو.

۽ ٻئي هنڌ فرمايو اٿس ته:

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِيْنُ (الذٰريات: ٥٨)

ترجمو: بيشڪ الله تبارڪ وتعاليٰ ئي اهو رزق پهچائيندڙ آهي، صاحب قوت جو وڏي قوت سگهه وارو آهي.

پوءِ فرمايائون ته جيڪڏهن منهنجي چوڻ تي اعتبار نه هجيو ته پنهنجي خالق جي چوڻ تي پت ڪريو.

حضرت مولانا رومي قدس سرہ فرمايو آهي:

ہیں توکل کن ملرزان پاؤ دست
رزق تو بر تو ز تو عاشق ترست

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يعني: خبردار ٿي توڪل ڪر ۽ هٿ پير هلائڻ ڇڏي ڏي ڇو ته تنهنجو رزق توڪان وڌيڪ توتي عاشق آهي.

نقل8 : هيڪر پاڻ نقل فرمايائون ته بزرگ حاتم اصم رحمۃ اللہ علیہ حج تي وڃڻ لاءِ سانباهي (تياري) ڪئي هئي، پوءِ پنهنجي گهر واريءَ کي چيائين ته جيتري قدر توکي خرچ کپي اوترو توکي ڏئي پوءِ آئون حج تي وڃان. عورت چيس ته، جيترا حياتيءَ جا ڏينهن ڏئي وڃيم، اوترو ئي خرچ ٻه ڏي. حاتم چيو ته تنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن الله تعاليٰ جل شانه تي آهن. عورت جواب ڏنو ته اوئين منهنجو رزق ٻه الله تعاليٰ تي آهي. جڏهن حاتم سڳورو حج تي ويو، تڏهن شهر جون زالون گڏجي حاتم جي گهر واريءَ وٽ آيون ۽ چيائونس ته افسوس،صد افسوس! تنهنجو رزق ڏيندڙ هليو ويو. بي بي سڳوري ورندي ڏني ته رزق ڏيندڙ اسان جو آهي. باقي رزق کائيندڙ ويو هليو.

نقل9 :هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته ڪو فقير صاحب توڪل جو تارک الدنيا هو، اتفاقاً هڪڙي ڏينهن سندس گهر ۾ ڪو ٻه ان جو داڻو يا پئسو ڏوڪڙ موجود ڪونہ رهيو هو. تڏهن پنهنجي زال کي چيائين ته اڄي تنور کي گرم ڪري ڇڏ ته متان پاڙي وارن کي شڪ پوي ته هنن جي گهر ۾ اڄ ان داڻو ڪونهي. جنهن ڪري ماني ٺڪي يا ٻي ڪا کاڌي جي شيءِ آڻي ڏين. سندس زال حڪم موجب وڃي تنور ۾ باهه ٻاري گرم ڪري موٽي آئي. ٿوري دير کان پوءِ هڪڙي پاڙي واري عورت گوشت جو ٽڪر پچائڻ لاءِ هٿ ۾ ڪٽي آئي. جڏهن گوشت کي تنور ۾ وڌائين ته ڇا ڏسي ته اندر ان تنور کي کوڙ ساريون تازيون مانيون چنبڙيون پيو آهن. جي پڇي تيار ٿي پيون آهن، انهي وچ ۾ گهر مالڪياڻي ٻه وٽس اچي بيني، پاڙيسرڻ چيو ته اي پيٽ! تنهنجون مانيون تنور ۾ پيون ٿيون سڙن تون ڪيڏانهن وئي هئين؟ عورت نهاري ڏٺو ته واقعي ڪيتريون ئي مانيون پڇي تيار ٿيون بيٺيون آهن. جنهن کي خدا تعاليٰ کان موکليل رزق سمجهي اتان ڪڍي گهر ڪٽي آئي:

ہیں توکل کن ملرزاں پاء و دست
رزق تو بر تو ز تو عاشق تر ست

يعني: هوشيار ٿيءُ ۽ توڪل تي محڪم ٿي بيهه، هٿ پير هلائڻ ۽ لوچڻ جي پچر ڦٽي ڪري ڇڏ، ڇو ته جيئن تون پنهنجي رزق لاءِ پريشان آهين، تيئن تنهنجو رزق توکان ٻه وڌيڪ تو متان عاشق آهي.

بر سر ہر دانہ بنوشتہ عیاں
ایں نصیب ابن الفلاں ابن الفلاں

يعني: سڀ ڪنهن داڻي داڻي جي متان لکي ڇڏيو اٿن، ته هي داڻو فلاڻي پٽ فلاڻي جو نصيب آهي.

سكندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

نقل10 : خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايائون پي تہ اسانکي رزق جي باري ۾ اهڙو تہ يقين آهي جو جيڪڏهن ان جو هڪ داڻو سون جي اشرفي تي پيو وڪامي ۽ روءِ زمين جا ماڻهو منهنجو عيال هجي، تہ بہ جيڪر منهنجي دل ۾ هڪ ذرڙي جيترو فڪر بہ ڪونہ اچي تہ هي ڪٽان کائيندا.

نقل11: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ڪو بزرگ اهل ڪمال جو شخص هو، تنهن جي زيارت لاءِ وقت جو بادشاهہ پنهنجي وزيرن، اميرن ۽ ٻين متعلقين سميت سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو. فقير چا ڪيو جو انهيءَ بادشاهہ ڏانهن پير ڊگهاري ويهي رهيو. اها ڳالهہ وزير کي البت ڳوري لڳي ۽ ان بزرگ جي خدمت ۾ عرض ڪيائين تہ اي بزرگ! گهٽن ڏينهن کان پير ڊگهاريا اٿئو؟ بزرگ ورندي ڏني، جاکون طمع وارا هٿ سوڙها ڪيا اٿئون:

طمع بند دفتر ز حکمت بشوی
طمع بگل و هرچہ خواہی بگوئی

يعني:طمع رکيئي تہ پوءِ پنهنجي دانائي ۽ وعظ جو دفتر ڌوئي قٽو ڪر. (چو تہ ڪو بہ تنهنجي چوڻ تي عمل ڪونہ ڪندو، بلڪ ايئن سمجهندا تہ هي مڙئي پنهنجي پيٽ لاءِ پيو مکر جا چار وچائي) پر طمع لاهي ڇڏ تہ پوءِ بلاشڪ جيڪي وٽئي سو پيو چئو تہ پيو ڪهندو ۽ اثر ڪندو.

نقل12 : هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ اسان پاڻ ۾ چار پائر هٿاسون ۽ سيبيئي گڏجي هڪ نار پوک جو آباد ڪندا هٿاسون. جنهن تي ڏاڍي تڪليف ۽ هلاکي ٿيندي هئي. ڪم ڪار جي خفي ۽ دقت کان سواءِ پوک جي نگهباني ۽ سرڪار جي ڪاتي جي بيگر جو اهڙو تہ اهنج هو جو حد کان ٻاهر، هينئر خدا تعالىٰ جي مهرباني، انهي هڪڙي نار جي آبادي جي پچر قٽي ڪري ڇڏي اٿئون ۽ سيئي ڪم پنهنجي مولىٰ سائين عز اسمہ کي سونپي مٿس توڪل ڪئي اٿئون، تہ ايتري قدر تہ اسان جي حال تي عطا ۽ اڪرام شامل ٿيو آهي، جو سيبيئي احتياج دفع ٿي ويا آهن ۽ آساني سان بنا ڪوشش ۽ تڪليف جي اهڙو تہ خوش گذران ۽ آسودگي حاصل آهي جو هيترو عيال ۽ جملي جماعت اسانجي دسترخوان تي پيا بهره ور ٿين ۽ وري جيڪي باطني مهربانيون خداوند ڪريم پنهنجي ڪرم ۽ احسان سان عطا فرمايون سي ڳاڻاٽي ۽ شمار کان ٻاهر آهن، اهڙيون نعمتون نہ اکين ڏٺيون نہ ڪنن ٻڌيون نہ ڪنهن جي دل ۾ سندن واهمو ئي آيو هوندو.

نقل 13: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ اسانکي هيتري اهل عيال ۽ فقيرن جي جماعت هوندي ڪڏهن بہ رزق لاءِ دل ۾ خطرو ڪونہ پيو آهي. اي عزيز! پاڻ هن آيت شريف جي واعدي تي محڪم هوندا هئا:

وَفِي السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ (الذٰريات:٢٢)

ترجمو:۽ اوهان جو رزق آسمان ۾ آهي ۽ اهو بہ جيڪي واعدو ڏنا ويا آهيو.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

۽ خطري جي گم ٿيڻ جو ٻيو هي ٻه سبب هو تہ خطرو پوندو هستيءَ جي پاران، پر جي هستي ئي وئي تہ خطرو ٻه هليو ويندو.

"مَنْ لَهُ الْمَوْلٰى فَلَهُ الْكُلُّ"

يعني:جنهن لاءِ الله تبارک وتعالىٰ آهي تہ ان لاءِ سڀ ڪجهہ آهي.

پاڻ تہ حقيقت ۽ معرفت جي آسمان جا سج هئا. پوءِ هن جهان جي هستي جا اونداهي جي مثال آهي،تنهنجي ڇا مجال آهي جو حقيقت جي سج اڳيان سندس وجود باقي رهي سگهي.

مولانا رومي قدس سره ڪهڙو نہ عمدو فرمايو آهي:

چون ز خودرستی همہ حق گشتہ
رفت ظُلمت نورے مطلق گشتہ

يعني:جڏهن هستي جي هٿان ڇٽين تہ پوءِ سارو ئي ذات پاڪ ۾ محو ٿي ويندين پوءِ اونداهي ويئي، نور مطلق ٻڌجي ويندين.

در مقامِ وہم باشد او و تو
چوں نباشی تو نباشد غیر او

يعني: وهم واري هنڌ ئي 'اهو ۽ تون' جو لفظ ڳالهائي سگهي ٿو، پر جي تون هوندين ئي ڪونہ تہ بس پوءِ اهو ئي اهو آهي، ٻيو ڪي ٻہ ڪونهي.

نقل14 : هيڪر پاڻ ارشاد فرمايائون تہ هڪڙو بزرگ شخص ڪنهن رستي سان پي ويو ، ان رستي سان ڪو ڦورو ٻہ رهندو هو جو واٽ ويندڙ ماڻهن کي ڦريندو مارييندو هو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي هن کان اڳ ڪهي ماري ڇڏيو هئائين. سو جڏهن بزرگ تي نظر پيس تڏهن يڪدم ترار ڪڍي اُلر ڪري مٿس ڪاهي آيو. بزرگ چيس تہ اي شخص! رزق لاءِ ڇو ٿو واٽهڙو ماڻهن،ويچارن کي ستائين. حالانڪہ رزق لاءِ الله تبارک وتعالىٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ فرمايو آهي تہ: وَفِي السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ. اوهان جو رزق آسمان ۾ آهي ۽ اهو ٻہ جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنو ويو آهي، يعني "بهشت". اهو چور اها ڳالهہ ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويو ۽ اهڙي تہ ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو، جو ترار ٻہ هٿ مان ڇڏي پيس ۽ پنهنجي ڪيل ڪمن تي پشيمان ٿي توبہ تائب ٿيو. الله تبارک وتعالىٰ جي قدرت جو ان ڪان پوءِ ان شخص ڏانهن غيب مان سون چاندي جي ٿانون ۾ طعام نازل ٿيڻ لڳو، جو هي طعام تہ ڪائي ڇڏيندو هو ۽ ٿانوَ گهر جي ڪنڊ ۾ رکندو ويندو هو. ڪجهہ مدت ڪان پوءِ حج جي ارادي سان عربستان روانو ٿيو. جڏهن منيٰ جي مقام تي آيو ، تڏهن ڏٺائين تہ اهو بزرگ جنهن ڪيس آيت شريف ٻڌائي هئي، سو اتي وينو آهي، ڪيس سجاڻي ورتائين ۽ ويجهو اچي چيائينس تہ اي بزرگ تو جهڙو اڳ بيت ٻڌايو هو،

اهڙو کو بيت وري ٻڌاءِ. بزرگ چيس تہ اهو بيت نہ هو بلڪ الله تبارڪ و تعاليٰ خالق رازق جو ڪلام آهي. اها ڳالهہ ٻڌي وڏي درد مان دانهن ڪيائين ، ان بزرگ ٻيون آيتون جي رزق بابت وارد ٿيل آهن، سي بہ پڙهي ٻڌايائينس. هن چيو تہ سبحان الله اهڙي بہ مخلوقات آهي جوپنهنجي خالق جي مٿان رزق جو پروسو ڪونہ پي ٿيو اٿن، جنهن جي تسلي لاءِ الله تعاليٰ جل شانہ قسم ڪنيا آهن.ايئن چئي هڪڙي دانهن ڪيائين، جنهن سان روح پرواز ڪري ويس.

نقل15: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي بادشاهہ جي عادت هوندي هئي تہ سڀ ڪنهن سال ۾ جيڪي بہ پئسا ۽ اسباب سندس ملڪيت ۾ گڏ ٿيندو هو سو سمورو ئي ڪڍرائي ٻاهر اڇلرائي ڇڏيندو هو ۽ پنهنجي ٻانهن ۽ ٻانهين کي حڪم ڪندو هو تہ جنهن کي جيڪا شيءِ گهرج ۾ هجي سا کڻي وڃي پنهنجي ڪم ۾ آڻي. پوءِ هيڪر پنهنجي عادت موجب خزانا ۽ سامان ڪڍرائي ٻاهر ڪيائين، ٻانهن ۽ ٻانهين کي امر ڪيائين تہ سڀ ڪوئي پنهنجي گهرج موجب جيڪا شيءِ وٹيس سا کڻي وڃي ڪم لائي. انهن مان هڪڙي ٻانهي ڏاڍي هوش ۽ عقل واري هئي، تنهن ٻئي هٿ بادشاهہ جي مٿان رکي عرض ڪيو تہ مون کي تون ٿو ڪپين ۽ مون لاءِ تون ڪوڙ آهين. بادشاهہ چيس تہ جڏهن تو مونکي اختيار ڪيو آهي تہ پوءِ هي مال ملڪيت ۽ ٻانها ٻانهيون، نوڪر چاڪر ۽ ٻيو سمورو اسباب جيڪي منهنجي ملڪيت ۾ آهن، سو سمورو ئي تنهنجو آهي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اهڙي طرح جيڪو بہ طالب ماسوي الله کي ترڪ ڪري فقط بادشاهہ حقيقي الله تبارڪ وتعاليٰ کي اختيار ڪندو تہ الله سائين جل شانہ جي سڀ مخلوقات سندس امر ۾ تابعدار ٿي پوندا. انهي حديث شريف جو فرمودو مبارڪ بہ شاهد آهي تہ:

مَنْ لَّهُ الْمَوْلٰى فَلَهُ الْكُلُّ جنهن لاءِ مولیٰ سائين آهي تہ ان لاءِ سڀ ڪي آهي.

نقل 16: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي وقت سلطان العارفين شيخ بايزيد قدس سره هڪڙي رڻ پٽ ۾ جٽ ڪنهن بہ انسان جو لنگهہ ڪونہ هو. اتي خدا تعاليٰ سان واعدو ٻڌائين تہ ڪنهن کان بہ سوال ڪونہ ڪندس ۽ نہ ڪنهن شهر ۾ ويندس ۽ نڪي پنهنجي هٿ سان ڪائيندس. پر جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص ماکي ۽ گيهہ گڏي منهنجي وات ۾ وجهندو تہ ڪائيندس نہ تہ اصل ڪونہ ڪائيندس. اهو واعدو ڪري اتي سمهي پيو، ٻہ راتيون ڪيس اتي گذري ويون، ٽين رات ڪو قافلو رستو وڃائي ٻلجي اتي اچي نڪتو ۽ رات جو اتي اچي منزل انداز ٿيا. شيخ بايزيد اتان اٿي هڪڙي وڻ جي پاڙ ۾ لڪي اچي سمهيو ۽ ڏند ٻڪوڙي پٻجي رهيو. قافلي وارا ماڻهو باهہ ٻارڻ لاءِ ڪاڌيون ميڙيندي ان وڻ وٽ اچي ڏسن تہ هڪڙو ماڻهو بيهوش ٿيوپيو آهي، قافلي جي سردار کي خبر ٻڌايائون، جنهن اچي ڏٺو تہ برابر هڪڙو شخص بيخبر ٿيو پيو آهي ۽ ڏندڙ پٻجي ويا اٿس تڏهن چوڻ لڳو تہ جيڪر هن کي گيهہ ۽ ماکي کارائڻ گهرجي. پر ڏند ٻڪوڙجي ويا اٿس ڪيئن ڪجي. وري چوڻ لڳو تہ حياتي هوندس ۽ ڏند نہ هوندس تہ بہ ڪو فڪر ڪونهي ڇڏو آهي تہ ڏند ٻيجي گيهہ ۽ ماکي کارايوس. ايئن چئي حڪم ڪيائين تہ ماکي ۽ گيهہ کڻي اچو، جڏهن کڻي آيا تہ الله تبارڪ و تعاليٰ بايزيد قدس سره ڏانهن الهام ڪيو

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تہ هينئر جيكڏهن پنهنجي مرضي سان اٿي نہ كائيندين تہ ڏند پيجرائي كارائيندو سانءِ، بايزيد قدس سره كان كل نكري وئي ۽ اهو گيهہ ۽ ماكي پنهنجي هٿ سان اٿي ويهي كاڏائين.

نقل 17: هيكر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ كو باشاهہ رات جو چمڙا پوش كري مخفي طرح پنهنجي شهر ۾ گهمندو قرندو هو ۽ پنهنجي رعيت جي احوال كان واقفيت كندو هو. پوءِ هكڙي رات پنهنجي عادت موجب گهمندو قرندو اتفاقا هكڙي هنڌان اچي لنگهيو. جو ماڻهو اتي باهہ ٻاري وينو هو. كاڏي جي كابہ شيءِ كانہ پي تيار ٿي. ان شخص كان سكٽي باهہ ٻارڻ جو سبب پڇيائين. جنهن ورندي ڏني تہ سجائي ۽ سكٽائي كري گهر ۾ كي كينهي جو كٽي رڌيون پچايون. باشاهہ چيس تہ تون سپاٽي بادشاهہ خدمت ۾ اچجانءِ تہ توكي كجهہ وٺي ڏيندس. هو ويچارو صبح سان بادشاهہ جي در تي آيو تہ دربانن كيس بادشاهہ تائين نہ ڇڏيو ۽ در كان موٽائي ڇڏيائونس. وري پي رات ساڳئي بادشاهہ سير كندي سندس حال كان واقف ٿي كيس ساڳيا لفظ چيا. هو ويچارو پي ڏينهن بہ آيو پر بادشاهہ تائين پهچي نہ سگهيو. ٽين رات بادشاهہ سندس ساڳيو حال ڏسي چيس تہ سپاٽي جمعي جو ڏينهن آهي، بادشاهہ نماز ادا كرڻ لاءِ جامع مسجد ۾ ايندو تون بہ اتي اچجانءِ تہ توكي كي وڻائي ڏيندس، چوڻ موجب هو جمعي جي نماز مهل اتي آيو ۽ نماز جي ادا ٿيڻ جو انتظار كرڻ لگو تان تہ بادشاهہ نماز ادا كرڻ كان پوءِ دعا گهرڻ لاءِ هٿ مٿي كنيا، ان وقت هن شخص پڇيو تہ بادشاهہ چا ٿو كري؟ چيائون تہ بادشاهہ، ڏٺي تعاليٰ كان دعا ٿو گهري،ان چيو تہ تڏهن بادشاهہ بہ تہ خدا تعاليٰ جي دروازي جو پينو آهي پوءِ آئون پنهنجي خدا تعاليٰ كان گهرندس، باقي پينو كان چا پنندس.

نقل 18 : غلام حيدر فقير نظاماڻي، رهندڙ ديهہ جهالار واقع پرڳڻي پٽن جو، نقل كري ٿو تہ هيكر مير سهراب خان ٽالپر، گاجي پل كان جو سندس نوكر هو، پڇيو تہ توهان جي پير وٽ جو هيترو سارو عيال ۽ فقيرن جي جماعت حد كان باهر پيا رهن تن جو گذران كيئن ٿيندو آهي ۽ كٿان كائيندا آهن؟ فقير كان سوال جو جواب پوري طرح نہ اچي سگهيو.پوءِ جڏهن سندن خدمت سڳوريءَ ۾ حاضر ٿيو تڏهن اهو سمورو حال پيش كيائين، پاڻ فرمايائونس تہ پوءِ تو مير كي جواب كو نہ ڏنو؟ عرض كيائين تہ حضرتا!مونكي جواب كو نہ آيو.پاڻ فرمايائونس تہ توكي چوڻ كپندو هو تہ الله تعاليٰ توكي ۽ تنهنجي لشكر كي جن جو منهن خدا تعاليٰ ڏانهن كونهي، تہ بہ رزق پيو پهچائي، باقي اسان جي پير ۽ سندس فقيرن كي جو رڳا خدا تعاليٰ جا طالب آهن ايترو بہ نہ ڏيندو چا؟يعني تہ ضرور ڏيندو.

نقل19: عارف فقير لكمير نقل كري ٿو تہ هيكر آئون سندن درگاهہ مبارك تي حضور ۾ حاضر هوس تہ تر جا ماڻهو قدمبوسي لاءِ خدمت سڳوريءَ ۾ حاضر ٿيا. پاڻ ملاقات كرڻ كان پوءِ سندس پوئتي رهيلن جو احوال ۽ ڏورن ڏڳن جي خوشگذراني بابت خبر چار سندن دلجوئي لاءِ پڇڻ لڳا، هنن مڙئي خير عافيت جو احوال ظاهر كيو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ قاضي محمّد عاقل، پنهنجي نياڻي جو مگٽو بادشاهہ جي قاضي سان كيو هو ۽ پنهنجي پائٽي كي جو ويچارو مسكين هو قبول نہ كيو

هئائين، پر هينئر جو قاضي فوت ٿي ويو، سو سندس نياٽي جو مڱڻو وري سندس پائٽي سان ڪيو اٿن ۽ اسان تي ب ماٺهو مسڪيني ۽ سڃائي جي ڪري ٽوڪون ڪندا هئا پر جڏهن اسان صبر ڪري وقت گذاريو. تڏهن هينئر اهڙي مهرباني ٿي آهي جو ماٺهو پاٺهي سڏو پنهنجي گهر وٽيون ٿا وڃن. سچ آهي ته "اَلصَّبْرُ مِفْتَاحُ الْفَرْحُ" صبر، خوشي جي ڪنجي آهي.

نقل 20: خليفة الله حضرت پيرسائين تجر ڏٽي قدس سره نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ ڪنهن سفر تي تشريف فرما ٿيل هئا، پويان مير زنگي ٽالپر پنج خرار اَن جا درگاهه مبارڪ تي نذراني طرح ڏياري موڪليا. اهو ان اندر حاويلي ۾ حصي رسد ورهائي ڏئي ڇڏيائون. پوءِ جڏهن پاڻ سفر کان موٽي درگاهه مبارڪ تي تشريف فرمايائون تڏهن اندران حاويليءَ مان پڇيائون ته مير زنگي جو درگاهه تي ان موڪليو هو، سو ڪهڙي طرح خرچ ڪيو ويو؟ عرض ڪيائون ته حضرتا!حاويليءَ ۾ حصي رسد ورهائي ڏنو.پاڻ وري پڇيائون ته گهٽن ڏينهن جي ورؤ هڪ هڪ حاويليءَ ۾ ورهائي ڏنو، چيائون ته پنجن ڇهن ڏينهن جي ، تڏهن پاڻ ڏاڍا جوش ۾ آيا ۽ فرمايائون ته شايد پنهنجي خالق رازق تي پروسو ڪونہ اٿو جو هيترن ڏينهن جي ورؤ گڏ ڪري ٿا رکو، آئنده پنهنجي رازق تي اهڙي بي پتيائي هرگز نہ ڪئي وڃي پر پاڻ ان ڳالهہ تي ڪاوڙ ۽ جوش حد کان زياده ڪيائون. اندرين سيني ماٺهن ان ڳالهہ کان رجوع ڪري اڳتي لاءِ توبہ ڪري ڇڏيائون.

نقل 21: سيد ميان محمد شاهہ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته اسان کان بزرگ ميان علي محمد رحمة الله عليه رهندڙ سرن واري جي پڇيو ته حضرتا! سياڻي لاءِ گذران جي شيءِ بچائي رکڻ جائز آهي يانہ؟ جواب ۾ چيوسون ته هرگز جائز نہ آهي، بلڪ طريقت ۾ اهڙو فعل ڪفر ليکيو وڃي ٿو، وري چيائين ته پنهنجي نفس لاءِ ته ايئن آهي پر جي ٻين فقيرن لاءِ رکجي ته ان لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ اسان چيو ته ٻين فقيرن لاءِ رکڻ جو ب ساڳيو ئي حڪم آهي. بزرگ چيو ته حضرتا! خدمت کانسواءِ ته فقير ڇڄي ويندا. پوءِ اسان جي طبيعت کي توڙي جو ڳالهہ پسند نہ آئي تڏهن ب ڪيس چيوسون ته جيڪا تنهنجي مرضي پر جيڪو فقير خدمت خواهہ هجي سو جيڪڏهن نہ ٽڪي ته ڇل هليو وڃي.

نقل 22: خليفو ميان لقمان رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته هيڪر مون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! اوهان جي خدمت سڳوريءَ ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ سفر ڪري اچون ٿا، تنهن ۾ پنهنجي نفس لاءِ ته رستي جو سمر ڪٽڻ جو ڪو احتياج ڪونهي، پر جيڪڏهن ٻين فقيرن لاءِ سفر ڪنيو وڃي ته ان بابت ڇا حڪم آهي؟ پاڻ فرمايائون ته جيڪو سنگتي سمر جو طالب هجي ته اهڙي سنگتي جي سنگت کان اڪيلائي تمام چڱي آهي. باقي وهٽن لاءِ خرچ ڪٽڻ جائز آهي.

نقل 23: مريد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون درگاهہ مبارڪ تي حاضر ٿيڻ لاءِ گهران روانو ٿيس، پوءِ رات مونکي ڪنياري جي ديهہ ۾ پڇجي وئي. اتي مسجد شريف ۾ ٽڪي پيس، هڪڙي فقير جوسندن مريدن مان هو، مونکي ب مانيون آڻي ڏنيون، انهن مان هڪڙي ماني مون کاڌي

ٻي ڪيس موٽائي ڏنم. فقير چيو تہ هي ماني پاڻ وٽ رک تہ واٽ ۾ ڪم ايندءِ، تڏهن سندس چوڻ ڪري اها ماني پاڻ سان کڻي اٿي روانو ٿيس، پوءِ جيستائين اها ماني نہ کاڌم تيستائين وري ٻي ماني هٿ ڪانہ آئي. نيٺ جڏهن درگاهہ مبارک تي سندن خدمت سگهوريءِ ۾ حاضر ٿيس. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن مريد سچو هوندو تہ مرشد سندس سموروئي حال بيان ڪري ٻڌائيندو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هڪڙو شخص ماني ڳنڍي ٻڌي سفر ۾ اٿي روانو ٿيو. الله تعالىٰ سندن مؤڪلن کي حڪم فرمائي ڇڏيو تہ جڏهن هي مڙس ماني ڳنڍي ٻڌل ڪائي تڏهن پوءِ ڪيس ٻي ماني ڏجو. نيٺ اهو شخص اهڙي طرح سفر ڪري اچي نڪتو جو ان کي ڪنهن بہ واٽ تي ماني ڪانہ ڪارائي ۽ اها ماني سندس هڙ ۾ ئي ٻڌل رهجي وئي. ڪنهن بزرگ چيو آهي:

رو مشرق رو مغرب هرچہ روی رو
هرچہ نصيب ست ازاں کم نہ شود يک جو

يعني:اوپر وڃين توڙي اولهہ وڃين،جيڏانهن وڻئي اوڏانهن وڃ، جيڪي تنهنجو نصيب آهي، تنهن مان هڪ جو بہ گهٽ وڌ ڪونہ ٿيندو.

هرچہ نصيب است بتو می رسد
ورنہ ستانی بہ ستم می رسد

يعني: جيڪي تنهنجو نصيب آهي سو توکي پهچي پيو، پر جي خوشي سان نہ ونڊين تہ زور سان بہ پهچائيندءِ.

نقل 24: هيڪر سندن حرمن مبارکن مان ڪنهن سندن آڏو ڪپڑن جي پراٽي ٽي وڃڻ بابت شڪايت بيان ڪئي. پاڻ جوش ۾ اچي فرمايائون تہ جيڪڏهن خدا تعالىٰ جي امداد کان اڳ جو ساري مخلوقات جو معطي آهي، اوهان کي تڪڙ آهي تہ پوءِ ست ڪتڻ جا چرخا پاڻ وٽ ڏاري ڇڏيو، پوءِ ان تي ست ڪتي ڪپڑا وڃي ڪريو.

نقل 25: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ طالب کي ڪپي تہ پنهنجي دل جو هٿ خدا تعالىٰ کانسواءِ ٻين سڀني ڪمن ڪارن کان بلڪل ڇني پنهنجي محبوب حقيقي جي دامن ۾ چنيڙي پوي ۽ ٻيو ڪنهن بہ طرف ڏانهن هيڏي هوڏي نہ نهاري ڇوتہ ڪسب ۾ مشغول ٿيڻ ۽ ظاهر اسباب ۾ لڳي وڃڻ ايمان جي ضعيف هجڻ جي نشاني آهي.

نقل 26: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر سندن حضور پرنور ۾درگاهہ مبارک تي حاضر هوس تہ اتي سيد عبدالرسول پٽ سيد تاج محمد وينل شهر سائيدي جو سندن حضور ۾ قدمبوسي جي شرف کان مشرف ٿيو ۽ گفتگو هلندي هي بيت پڙهيائين:

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

کارساز ما به فکر کار ما
فکر ما درکار ما آزار ما

يعني:اسان جا ڪم جوڙيندڙ اسان جا ڪم پورا ڪندڙ آهي پر اسان جا فڪر اسان جي ڪمن ۾ اسان لاءِ آزار آهن.

پاڻ انهيءَ وقت اهو بيت لکرائي ورتائون ۽ ٻہ ٽي پيرا ڪيس موتائي موتائي پڙهيائون.

نقل 27: ساڳيو خليفو نقل ڪري ٻڌايو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته الله تبارڪ وتعالىٰ جون عجيب مهربانيون ۽ بي شمار لطف اسان جي حال تي وارد ٿيل آهن. ڏسو ته اڄ پنج روپين جو ان خريد ڪري اندر حاويلي ۾ آندو اٿن ته هڪ هڪ ماڻهو کي ٻويو ٻويو اڇي ويو آهي، اتان جو ٻويو چوٽائي کان ٻہ گهٽ هوندو هو.پوءِ فرمايائون ته هنن سڀني ماڻهن کي الله تبارڪ و تعالىٰ هر روز بنا محنت، تڪليف ۽ سوال جي قوت پيو پهچائي.

نقل28: حافظ عمر رهندڙ نصرپور جو نقل ڪري ٻڌايو ته هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته، هڪڙا ٻہ زال مڙس توڪل جا صاحب هوندا هئا. اتفاق سان زال کي حمل ٿي پيو. ڏاڍهن مڙس کي چيائين ته هينئر ڪيئن ڪجي؟خدا ڇاڻي ته هي ٻار جو پيٽ ۾ آهي، توڪل وارو ٿئي الائي نہ، مڙس چيس ته صبر ڪر ڪپي ڇو ته سيڪا ڳالهہ پنهنجي وقت تي موقوف هوندي آهي، مڙئي سڀائي ٿيندي. نيٺ جڏهن ٻار جائو ۽ ورهہ ڪن گذريو تڏهن اهو ٻار ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙو ٿيو ۽ هڪڙي ڏينهن ماءُ کان ماني جو ڇيو گهريائين. عورت پنهنجي مڙس کي چيو ته هينئر هي ڇوڪر ماني ٿو گهري، مڙس چيس ته هينئن ڪر جو سندس اکيون ٻڏي پوءِ ڇويس ته پنهنجا هٿ ڪٽي پنهنجي خدا کان ماني گهر، پوءِ جڏهن هٿ ڪٽي خدا تعالىٰ کان سوال ڪري تڏهن ماني جو ٽڪر سندن هٿ تي ڪٽي ڏجانءِ ان عورت ٻہ مڙس جي حڪم موجب ڇوڪر جون اکيون ٻڏي چيائين ته اي پٽ! پنهنجي خدا تعالىٰ کان ٻئي هٿ ڪٽي گهر. جڏهن ڇوڪر ٻئي هٿ ڪٽي ماني خدا تعالىٰ کان گهري، تڏهن ماٽس مانيءَ جو ٽڪر ڪٽي سندس هٿ تي رکيو. جنهن کي ڇوڪر کائي ڇڏيو، ان کان پوءِ جڏهن ٻہ ڇوڪر کي مانيءَ جي طلب ٿيندي هئي، تڏهن اهڙي دستور کيس ماني ملندي هئي، ان حال تي گهٽي مدت گذري ويئي، ڇوڪر کي ٻہ اها عادت ٿي ويئي. پوءِ هڪڙي ڏينهن ماءُ کي چيائين ته اي امان! هينئر منهنجون اکيون نہ ٻڌ آئون پاڻهي پنهنجون اکيون پوري پنهنجي خدا تعالىٰ کان ماني گهران ٿو. ان کانپوءِ جڏهن ٻہ کيس بک لڳندي هئي، تڏهن اکيون ٻوٽي هٿ ڪٽي خدا تعالىٰ کان ماني گهرندو هو ۽ ماٽس اڳئين دستور موجب ماني سندس هٿ ۾ ڪٽي ڏيندي هئي. جڏهن گهٽي مدت ان تي ٻہ گذري ويئي. تڏهن هڪڙي ڏينهن پنهنجن جيڏن سرتن ڇوڪرن سان گڏجي جهنگ ڏانهن ڪانيو ڪرڻ ويو. ٻين سڀني ڇوڪرن جي مائرن کين ماني جو ٽڪر ڳنڍي ٻڌرائي ڇڏيو هو، هن ڇوڪر کي ماءُ کي ٻہ ڪونہ ڏنو هو پوءِ جڏهن جهنگ لتاڙي

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڳچ پنڌ ڪري آيا، تڏهن اتي بک لڳن، جنهن تي سيئي ڇوڪرا پنهنجي مانين جون ڳنڍيون ڇوڙي ڪاڙ ويهي رهيا ۽ ان ڇوڪري کي چيائون ته تو وٽ به ماني آهي ته ڇوڙي ويهي کاءُ. ڇوڪري ورندي ڏني ته مون کي ماني ساڻ ڪونهي، ڇو ته امان مونکي ڪاڻ ڏيندي آهي. ڇوڪرن پڇيس ته تڏهن تون ڪٽان کائيندو آهين؟ چيائين ته آئون پنهنجي خالق کان گهرندو آهيان، جو هميشہ مونکي کارائيندو آهي، پوءِ پنهنجي عادت موجب اکيون پوري هٿ ڪٽي خدا تعاليٰ کان ماني گهريائين، الله تبارک وتعاليٰ جي قدرت جو هڪڙو ڏاڪون اهڙي ته عجيب طعام سان پريل اچي لٿو جو ان جهڙو ڪنهن ڏٺو به ڪونہ هوندو، ڇوڪرا اهڙو حال ۽ بي مثال طعام ڏسي حيران ٿي ويا ۽ ان ڇوڪري جو يقين بلڪل محڪم ٿي ويو. جنهن ڪري توڪل جو صاحب بڻجي پيو پوءِ جڏهن اتان جهنگ کان مان موٽي وري گهر آيو، تڏهن ماءُ پيءُ سان ڳالهه ڪيائين ته هن کان اڳ الله تعاليٰ جل شانہ مون کي ماني جو ٽڪر ڏيندو هو، پر اڄ جو اکيون پوري الله سبحانہ وتعاليٰ کان ماني گهريم سو اهڙو ته طعام موڪلي ڏنائين جو ڪڏهن به اهڙو ڪونہ موڪليائين، بلڪ ڪنهن ماڻهو ان جهڙو طعام ڏٺو به ڪونہ هوندو. اتي سندس ماءُ پيءُ کي پڪ معلوم ٿي ويو ته ڇوڪر کي يقين ڪامل ٿي چڪو آهي، پوءِ ڪيس چيائون ته هاڻي توتان ڪائيون ڪرڻ معاف آهن، مسجد ۾ ويهي پنهنجي خدا تعاليٰ کي ياد ڪر.

اي عزيز! هينئر به جيڪو شخص انهيءَ ڇوڪر وانگر پوري اعتقاد سان الله تبارک وتعاليٰ تي توڪل ڪندو ته بنا شڪ شبهي جي الله تعاليٰ کيس انهيءَ ڇوڪر وانگر رزق پهچائي ڏيندو.

مولانا رومي قدس سرہ الله ان بابت فرمايو آهي:

ہیں توکل کن ملر زان پاؤ دست
رزق تو بر تو ز تو عاشق تر ست

يعني: خبردار ٿي توڪل ڪر ۽ هٿ پير هلائڻ ڇڏي ڏي ڇو ته توکان وڌيڪ تنهنجو رزق توتي عاشق آهي.

بر سر ہر دانہ بنوشتہ عیاں
این نصیب ابن الفلاں ابن الفلاں

يعني: سڀ ڪنهن داڻي جي مٿان چٽن اکرن ۾ لکيل آهي ته هي داڻو فلاڻي پٽ فلاني جو نصيب آهي.

نقل 29: غريقِ بحر عرفان خليفو ميان لقمان رحمۃ الله عليہ نقل ڪري ٿو ته هيڪر کي مهمان سندن خدمت ۾ آيا هئا، ان وقت فقير واحد ڏني اچي عرض ڪيو ته حضرتا! پئسو هٿ ۾ بلڪل ڪونهي ۽ بازار ۾ اڌارو به اصلي کو ڪونہ ٿو ڏئي. آئون ڏاڍو عاجز ٿي پيو آهيان. پاڻ فرمايائون ته اي واحد ڏنا! فقير اصلي توڪل جا صاحب ٿيندا آهن، تون به ڪوشش کي ڇڏو ڪري پنهنجي اختيار جي واڳ اڇلائي ڇڏ. فقير

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ويو هليو ٿوري ويرم کان پوءِ موتي آيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! اڀائي رپيا نذرانو آيا آهن. پاڻ فرمايائون تہ انهن مان هڪڙو رپيو اندر حاويليءَ ڏانهن موڪلي ڏي ۽ هڪ رپيو فقيرن جي ماني لاءِ خرچيو، باقي اٺ آنا مهمان لاءِ کپايو. فقير ويو هليو، وري گهڙي کن رکي موتي آيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! اڀائي رپيا پيا بہ اڃي موجود ٿيا آهن. پاڻ فرمايائون تہ اهي پئسا بہ اڳئين ڏَس موجب ورهائي ڇڏيو. واحد ڏني چيو تہ حضرتا! سياري جي موسم آهي، مهمانن لاءِ سپاٽي فجر جو بہ نيرن نهرائي ويندي، ڪجهہ سپاٽي لاءِ بہ رکي ڇڏيان. تڏهن پاڻ جوش مان فرمايائون تہ اي واحد ڏنا! تون اسان جي رزق لاءِ ٻندو ٿيو ٻينو آهين، اسان جي رزق جي ڪشادائي تڏهن ٿيندي جڏهن تون مرندين ، پوءِ ان وقت اسان جو رزق جڏهو ٿي پوندو. عجب آهي جو اڳارو توکي ڪنهن اڌارو بہ ڪونہ ٿي ڏنو ۽ هينئر وري سپاٽي لاءِ بچتون ڪرڻ ويٺو آهين.

نقل 30: غريق بحرِ عرفان خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن وقت حضور جن جي بدن مبارڪ تي تپ جي حرارت ٿي پندي هئي تہ ڳائو مکڻ پيرن جي ترين مبارڪ تي مکيندا هئا، پوءِ هڪڙي ڏينهن اندر حاويليءَ ۾ هڪ ۽ تپ جي حرارت جو اثر ٿي پيو هون. ان وقت ڳائو مکڻ جو اصلي سندن طبيعت جي موافق هوندو هو، گهر ۾ موجود ڪونہ هو، تڏهن صاحبن سڳورن فرمايو تہ صاحبزادي وڏي يعني مسند نشين اول پير سائين تجر ڏٽي قدس سرہ کان گهرائي ونجي تہ ان بابت انتظام ڪري. پاڻ ان ڳالهہ کان منع ڪيائون ۽ فرمايائون تہ سوال نہ ڪرڻ گهرجي.

اي عزيز! پيءُ ۽ پٽ جي نسبت هوندي بہ پاڻ سوال جائز نہ رکيائون، خيال ڪجي تہ ٻي کان سوال ڪرڻ ڪيتري قدر بيجاءِ ٿيندو.

صاحبن سڳورن فرمايو تہ اسان ادب ڪري مکڻ گهرڻ کان ماڻ ڪري ويهي رهياسون، ٿورڙي دير کان پوءِ هڪڙو شخص هڪ ٽڪر جو وڏو ٽانءُ مکڻ سان پري خدمت سڳوري ۾نڌر موڪلي ڏنو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن سوال ڪريون ها تہ بہ ايترو مکڻ ڪونہ ملي ها. هينئر الله سبحانہ وتعالىٰ حلال پاڪ مکڻ جڏهوئي اسانکي ڏياري موڪليو آهي. صاحبن سڳورن عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪي الله تبارڪ وتعالىٰ اوهان کي غيبي عالمن مان خبر ڏيئي ٿو، تنهنجي واقفي ڪنهن کي بہ ڪانہ آهي. پوءِ پاڻ مسجد شريف ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ اها ڳالهہ بيان ڪري فرمايائون تہ اڄ اسانجي اهلين ان ڳالهہ جي ظاهر ٿيڻ ڪري پورو پورو ويساهہ ٿي ويو آهي تہ بيشڪ الله تبارڪ وتعالىٰ رزاق آهي.

اي عزيز! جماعت ۾ سندن اها ڳالهہ بيان فرمائڻ بہ طالبن کي توکل تي ترغيب ڏيارڻ واسطي هو.

نقل 31: ساڳيو خليفو نقل ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايائون پي تہ جڏهن ابتدائي ڏينهن ۾ قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول هئاسون، تڏهن دور ڪندي هي آيت شريف پڙهڻ ۾ آئي:

"فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ"(المائده : ٢٣)

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ترجمو:جيڪڏهن ايمان وارا آهيو تہ توڪل ڪريو.

ان آيت شريف جي پڙهڻ شرط دل ۾ اچي خيال پيو تہ توڪل ڪان سواءِ ولايت تہ هنڌ رهي، پر ايمان بہ گم ٿي وڃي ٿو. پوءِ جيڪي بہ اسباب، مال ۽ سامان اسان جي ملڪ ۾ هو سو مڙئي ترڪ ڪري ڇڏيوسون ۽ دل جو ارادو انهي تي محڪم ڪيوسون تہ نيٺ اسان جي خوراڪ وٽن جا پَن ٿيندا. پوءِ هيڪر وڏي صاحبزادي (يعني مسند نشين اول) جو نانو ۽ ظاهري علمن ۾ اسان جو استاد ميان محمد اڪرم گهمرو اسان جي گهر ۾ آيو ۽ ٻارن کي بک جي غلبي جو حال ڏسي، اسان وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ جيڪڏهن تون فقير ٿيو آهين تہ چگو ٿيو. پر پين جا حق حقوق تہ پيرن هيڻيان نہ لتاڙڻ ڪپن، اسان دل ۾ چيو تہ بزرگ اهل علم جو آهي، اشاري سان سمجهي ويندو، پوءِ هيڻين آيت شريف پڙهي سون جا حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي حرمن سگورن لاءِ نازل ٿي هئي جو حرمن سگورن خرچ جي لاءِ طلب ڪئي هئي ۽ آيت شريف ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ ڪين فرمايو آهي تہ جيڪڏهن بکون سهي، حضور سرور ڪائنات ﷺ جي گهر ۾ رهن تہ پلي رهن پر جيڪڏهن بک اختيار نہ ڪن تہ پوءِ طلاق قبول ڪن. آيت شريف هيءَ آهي:

اِنۡ كُنۡتُنَّ تُرِدۡنَ الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا وَزِيۡنَتَهَا فَتَعَالَيۡنَ اُمَتِّعۡكُنَّ وَاُسَرِّحۡكُنَّ سَرَاحًا جَمِيۡلًا ۞ وَاِنۡ كُنۡتُنَّ تُرِدۡنَ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ وَالدَّارَ الۡاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلۡمُحۡسِنٰتِ مِنۡكُنَّ اَجۡرًا عَظِيۡمًا (الاحزاب :٢٨-٢٩)

ترجمو: (اي پغمبر ڪريم ﷺ! پنهنجي حرمن کي چئو) جيڪڏهن اوهان دنيا جي حياتي ۽ ان جو سينگار گهرنديون هجو تہ اچو اوهان کي اجورو ڏيان ۽ چگي طرح ڇڏي ڏيان ۽ جيڪڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ ۽ سندس پيغمبر ۽ آخرت جي گهر يعني بهشت کي گهرن ٿيون تہ بيشڪ واهان نيڪ بختين لاءِ الله تعاليٰ وڏو ئي اجر تيار ڪيو آهي.

ميان محمد اڪرم گهمرو آيت شريف ٻڌندي ئي اٿي اندر ويو ۽ اندرين کي تابعداري ۽ فرمانبرداري بابت وصيت ڪري هليو ويو. پوءِ بہ ٽي ڏينهن اسان تي فقر جي تلوار هلي پر انهي حد کي ڪانہ پهتي جو وٽن جا پن استعمال ڪيا وڃن. ان کان پوءِ ستت ئي الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ا يتري تہ ڪشادگي ۽ برڪت عطا فرمائي جو اسان ۽ اسان جا اهل اعيال ۽ پاڙيسري وغيره سڀ خوش خورم آهيون.

نقل 32: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ ڪنهن وقت خواجہ حسن بصري قدس سره، شيخ حبيب عجمي قدس سره وٽ مهمان ٿي آيو هو. شيخ حبيب وٽ رڳو ماني جو اٽو گهر ۾ موجود هو جو ماني تيار ڪري ڪٽي آيو تہ ايتري ۾ ڪنهن سائل اچي سوال ڪيو. شيخ قدس سره اها ماني ڪٽي انهي سائل کي ڏيئي ڇڏي. خواجہ صاحب قدس سره ان ڳالهہ تي مٿس اعتراض ڪيو ۽ چيائينس تہ اي شيخ! فقير تہ تمام چگو آهين پر علم ڪونہ اٿئي چو تہ اها ماني منهنجو حق هئي، ان ڪري جو آئون مهمان آهيان. سائل تہ ٻئي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هنڌان بہ پني کائيندو پر مهمان جو حق بہ توتي آهي، هرپرو تہ بہ سائل کي ان مانيءَ مان ٿورڙو ٽکر پيچي ڏيڻ کپندو هو. ايئن کندي هڪڙو شخص در کان لنگهي آيو ۽ عمدي طعام جو هڪڙو خونچو ۽ بہ ٽي درهم بہ ان سان گڏ شيخ کي نذرانو پيش اچي کيائين. شيخ حبيب ۽ خواجہ حسن بصري ٻنهي گڏجي اهو طعام کاڌو جو اجان بہ بچي پيو. جنهن کي پئسن سميت فقيرن کي ورهائي ڏنائون پوءِ جڏهن هٿ ڏوئي فارغ ٿيا، تڏهن شيخ حبيب عجمي چيو تہ اي خواجہ حسن! عالم تہ نهايت چگو آهين، پر توکل کونہ اٿئي.

نقل 33: گل محمد فقير بروهي نقل کري ٿو تہ هيکر پاڻ ٽکر جي سفر تي چڙهيا هئا، پوءِ جڏهن ديهہ زهري واقع ملک قلات ۾ آيا تڏهن اتي مون سندن حضور ۾ عرض کيو تہ حضرتا! مهرباني فرمائي نيچاري ڏانهن تشريف فرما ٿيو تہ ڏاڍو چگو. پاڻ فرمايائون تہ توکي نيچاري ڏانهن هلڻ بابت کهڙي ضرورت نظر ٿي اچي، مون عرض کيو تہ حضرتا! اتي ميوا تمام گهٽا ٿيندا آهن ،چوان ٿو تہ جيکر فقير انهن مان ميوا کائن تہ بهتر. پاڻ فرمايائون تہ اسان جو سفر ميون کائڻ لاءِ کونهي بلک خاص لله في الله آهي. پر جي ميوا اسان جي نصيب ۾ هوندا تہ الله تبارک وتعالي! اسان کي جبل جي چوٽيءَ تي بہ کارائيندو. پاڻ ايئن فرمائي اڳتي ٽکر ڏانهن روانا ٿيا، جڏهن هرلوئي جبل وٽ پهتاسون اتي سندن گهوڙي جو نعل لهي پيو، آئون انهي نعل جي نوکڻ ۾ مشغول ٿيس تہ ايتري ۾ اسقلکو جا رهاکو فقير اتي اچي سهڙيا ۽ قدمبوسي کان مشرف ٿي، پنهنجي طرف کان آندل تمام گهٽا ميوا نذرانو کڻي اچي پيش کيائون جي پاڻ فقيرن جي جماعت سميت کاڌائون.

نقل 34: خليفو ميان اميد علي نقل کري ٿو تہ هيکر پاڻ ڳالهہ بيان فرمايائون تہ هک پيري اسان جي طبيعت کجهہ ناخوش هئي، جنهن کري باغ ۾ وڃي آرامي ٿيا هئاسون. ان وقت هڪڙي شخص چيو تہ جيکر مکڻ جي هٽن پيرن تي مالش کجي تہ اميد آهي تہ طبيعت ۾ فرحت ۽ جمعيت ٿي ويندي. حاضر جماعتين ارادو کيو تہ جيکر صاحبزادي مسند نشين قدس سرہ جي حاويليءَ کان مکڻ گهرائي ونجي، پر اسان منع کين ۽ چيوسون تہ الله تبارک وتعالىٰ اسان جو رازق آهي سو پاڻهئي موکلي ڏيندو. ايجان گهڙي کن نہ گذري تہ هڪڙو شخص مکڻ جو خمرو پريل نذراني ۾ کڻي آيو جو هٽن پيرن تي اتان مالش کئي وئي.

نقل 35: غريقِ بحرِ عرفان خليفو ميان لقمان رحمۃ الله عليہ نقل کري ٿو تہ هيکر پاڻ فرمايائون تہ خليفو موسىٰ حجام، ديهہ لاکا جنهن کي ترک جي کري حضرت پيغمبر کريم صلی الله عليہ وسلم جن ظاهر ظهور اچي مبارک ڏني هئائون، تنهن کي پنهنجي ديهہ ۾ کن ماڻهن جي نماز تي پابند نہ ٿيڻ کري دل ۾ اچي خيال پيو تہ جيکر هجرت جي سنت نبوي علىٰ صاحبها الصلواة والسلام بجا آڻيان. اهو خيال کري اتان لڏي هک جهنگ ويراني ۾ گهر ناهي وڃي ويهي رهيو، اتي بہ ٽي ماڻهو سندس مريدن مان بہ ساڻس گڏجي لڏي اچي وينا. پر جيکو وٽس لڏي اچي ويهندو هو تہ ان کان هن انجام تي بيعت ونندو

سکندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

هو ته پنج وقت نماز جا امام سان ادا ڪندو ۽ ذڪر جماعت سان ڪندو. صبح جي نماز کان پوءِ اشراق جي نفلن تائين وينو هوندو ۽ بدعت ۽ جهليل ڪمن جي ويجهو نه ويندو ۽ ڪتو پنهنجي در تي نه ڏارينڊو. پوءِ جيڪو به اهي انجام ڏيندو هو ته پوءِ اتي ويهڻ جي اجازت ڏيندو هو نه ته ٻئي کي اتي رهڻ جي موڪل ڪانه هئي. پوءِ ابتدائي وقتن ۾ ڪين فقر فاقي جي نعمت گهٽي قدر نصيب ٿيندي رهي جنهن ڪري ڪجهه مدت گذرڻ کان پوءِ بک جي زيادتي کان خليفي جي اطلاع ڪرڻ کان سواءِ سندس مريدن مان ڪن ماڻهن ڪجهه ٻني وڃي آباد ڪئي ۽ ان جي پيدائش مان ڪي قدر خليفي جي قوت گذران لاءِ آڏو نذرانو آڻي رکيائون. خليفي اهو ان وٽي پنهنجي ٻارن ۽ اهل عيال جي قوت لاءِ رکائي ڇڏيو. اها ٻني جي آبادي جي ڳالهه حضرت مرشد مڪرم قدس سره جي حضور ۾ پهچي ويئي ۽ خليفي ڪي به انهيءَ اطلاع بابت خبر پئي ته ڪين هيءَ حقيقت سموري ٻڌائي ويئي آهي، پوءِ جڏهن درگاهه مبارڪ تي قدمبوسي جي شرف کان اڳي مشرف ٿيو تڏهن عرض ڪيائين ته حضرتا! جيڪڏهن ڪنهن شخص کان خيالات ۽ سَڏون ۽ خطرا بلڪل زائل ٿي ويا هجن تان ته جيئن ميت کي خطرا منهن ڏين ڪيس انهي کان به زياده خطرن جي نفي ٿيل هجي. جنهن ڪري ڪيس پنهنجي اهل عيال جي گذران بابت ڪو به خيال دامنگير ڪونه هجي، پوءِ جيڪڏهن اهڙو ماڻهو پنهنجي اولاد کي رڳو هن نظر ڪري ته هو به خدا تعاليٰ جي خلق آهي نه هن ڪري ته پنهنجي اولاد آهي، ڪاشيءِ هٿ اڳي ۽ انهن کي ڏيئي ڇڏي جنهن کي هو مهلت سان ڪائيندا رهن ته انهن کي اسباب ڇڏيو يا توڪل؟ پاڻ انهي تقرير ٻڌڻ سان جوش ۾ اڳي فرمايائون ته نفس جون ڪهڙيون نه ڪَجيءَ جون ڳالهيون آهن ۽ ڪهڙي طرح ته فريب ۽ ڪَجيءَ جي تمهيد ۽ بنياد ٻڌي ٿو ڳالهه کي ٻٽائي. پوءِ فرمايائون ته اي ميان!جيڪڏهن تون سيني خطرن ۽ نفساني سڏن کان آزاد ٿي ويو آهين، ۽ پنهنجي اولاد کي به هي خلقِ خدا وانگر ٿو سمجهين ته پوءِ تنهنجي اولاد جو توتي ڪوبه حق ڪونهي، جنهن جي مخلوق آهن سندن رازق به اهوئي آهي، ايئن ڪونه ٿيندو ته خلق جو خالق ته خدا تعاليٰ هجي ۽ سندن رازق وري موسيٰ ٻڌجي. بلڪ جيڪو خالق آهي رازق به اهو ئي آهي پوءِ فرمايائون ته طالب کي سڀ ڪنهن ڪم ۾ نفس جي گڏجي پوڻ کان خبرداري ڪرڻ بڪل ضروري آهي. پوءِ خليفي موسيٰ روئي توبه تائب ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! اوهان جي علم سان اسان جهڙن کي دخل ڏيڻ جي ڪا طاقت ڪانهي.

اي عزيز! الله تبارڪ وتعاليٰ رزق لاءِ ذميواري کنئي آهي ته:

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا (هود: ٦)

ترجمو: جيڪا به چرندڙ شيءِ زمين تي آهي انهي جي رزق جو ذمو الله تبارڪ و تعاليٰ تي آهي.

نقل 36: عبدالله فقير شاعر نقل ڪري ٿو ته هيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ درياءُ جي هن پر جا فقير، جو نوان خدمت سڳوري ۾ حاضر ٿيا هئا، چوڌاري حلقو ڪيو وينا هئا ۽ سندن طبيعت ۾ اهڙي طرح اڳي خيال معلوم پيو ته جيڪر اسان جي طرف به ڪو سندن خليفو ٿي پوي ته ڏاڍو چڱو. پاڻ سندن اهو

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

دل جو خيال معلوم ڪري فرمايائون تہ اي يارؤ! اوهان جو خيال آهي تہ ڪوئي خليفو اسان جي طرف بہ ٿئي سو اها ڳالهہ اسان جي هٿ وس ناهي، بلڪ الله سبحانہ وتعالىٰ جي اختيار آهي. جنهن کي وٽيس تنهن کي خليفو ڪري پوءِ فرمايائون تہ اسان جي حياتي ۾ يا وصال کانپوءِ خلافت انهيءَ شخص وٽ سلامت رهندي جنهن کي رزق جو سبب ڪوٺہ هوندو.

نقل 37: عبدالله فقير نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ جيترا ماڻهو هر ويلي تي اسان وٽ گڏجي کائين ٿا، ايترا مير سهراب ٽالپر وٽ بہ هرگز ڪونہ ٿا کائين. پر اسان کي هنن جو دل تي رڳو ايترو خيال ۽ بار آهي جو طعام حاضر ٿيڻ مهل پڇندا آهيون تہ فقيرن جو ننگر تيار آهي يا نہ؟

اي عزيز! سندن روش مبارڪ هوندي هئي تہ فقيرن جو ننگر تيار هوندو هو تہ پاڻ بہ طعام کائيندا هئا نہ تہ هرگز نہ کائيندا هئا ۽ سندن فرمودي مان معلوم ٿيو تہ کين رزق جي موجود ٿيڻ جي ڪا خبر ڪانہ هوندي هئي. الله تبارڪ وتعالىٰ غيب مان رزق پهچائي ڏيندو هو. پاڻ انهي معاملي کان ظاهر توڙي باطن ۾ بلڪل فارغ هوندا هئا.

نقل 38: ملا بچو فقير مگڙيو نقل ڪري ٿو تہ پاڻ شيخ گلاب جي دڪان تان ڪنڊي جي ڪٽ ڪندا هئا. پوءِ هڪڙي ڏينهن مٽيون شيخ حساب جا ڪاغذ ڪٽي حساب سمجهڻ لاءِ سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿيو. پاڻ فرمايائونس تہ حساب ملا بچي فقير سان سمجهي ڇڏڻ گهرجي. شيخ جواب ۾ ٻيهر عرض ڪيو تہ حضرتا! هي ڇوڪرو حساب جي ڪم مان ڇا ڄاڻي، ڪنهن هوشيار ليکڙائٽ کي حڪم ٿئي جو حساب ڄاڻڻ جهڙو پختو ماڻهو هجي ۽ ليکو سمجهي. پاڻ فرمايائونس تہ جيڪڏهن اهڙا ليکڙائٽ پاڻ وٽ رکون تہ پوءِ اسان جي توڪل وري ڪٿي رهندي.

نقل 39: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايائون تہ اسان جو لباس موچارو (سنو) پهريندا آهيون، تنهن ۾ هڪ نڪتو آهي جو طلب وارن کي معلوم ٿي سگهندو! اهو نڪتو هي آهي تہ جن ڏينهن ۾ دنياوي تعلقات سان هوندا هئاسون انهن ڏينهن ۾ هڪڙو ٿانُ سادي سوٽي لنگي جو گمٽ مان گهرايو هوسون ۽ ان کي هزارن ڪوششن ۽ تاڪيد سان نگاهہ رکندا هئاسون ۽ هينئر جو دنيا جي تعلقات ڇنڊ ڪان پوءِ الله تبارڪ و تعالىٰ جي طلب واري وقت ۾ ڏاتار جي طرفان عمديون عمديون پوشاڪون بنا احسان ڪنهن بہ شخص جي ۽ بنا تڪليف جي حاصل ٿين ٿيون.سو توڪل جو نتيجو آهي جيئن ان بابت حضرت مولانا رومي قدس سرہ فرمايو آهي:

هيں توكل كن ملرزاں پاء و دست
رزق تو برتو نہ تو عاشق است
برسر ہر وانہ بنوشتہ عياں،
كہ اين نصيب فلاں ابن الفلاں

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يعني: خبردار ٿي ۽ توڪل ڪر هٿ پير هلائڻ ڇڏي ڏي ڇو ته تنهنجو رزق توڪان وڌيڪ توتي عاشق آهي. تقدير وارن ازل کان ونڊي هڪ هڪ داڻي تي ڇڻو پڻو لکي ڇڏيو آهي ته هي داڻو فلاڻي جي پٽ فلاڻي جو نصيب ٿيندو.

پوءِ فرمايائون ته اسان جي هي پوشاڪ نفس جي لذت لاءِ نه آهي، بلڪ اسباب وارن ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ آهي ته مَن اهي هن حال مان عبرت ۽ حيرت ونڊي يقين حاصل ڪري وجهن ۽ دنيا جا تعلقات قطع ڪري توڪل کي اختيار ڪن ۽ پل ته سندن ذهن ۾ هن آيت شريف جو ويساهه پورو پورو جمي وڃي.

وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ (الطلاق:٣)

ترجمو: جيڪو ماڻهو الله سبحانه وتعاليٰ تي توڪل ڪندو ته ان لاءِ الله تبارڪ وتعاليٰ ڪافي آهي.

نقل 40: هيڪر پاڻ بيبي رابعه بصري رحمة الله عليها جو نقل بيان فرمايائون ته هڪڙي ڏينهن وٽس ٻه ٽي فقير مهمان ٽي اچي ٽڪيا. بيبي صاحبه وٽ ته ظاهري اسباب موجود ٿيل بلڪل ڪونه هوندو هو. بلڪ سندس روش هوندي هئي ته پنهنجي هٿ سان مزدوري ڪري جيڪي ان مان حاصل ٿيندو هو، ان تي گذران ڪندي هئي ۽ مهمانن جي خدمت ۽ الله سبحانه وتعاليٰ جي واٽ ۾ خيرات ٻه انهي مزدوري جي پئسن مان ئي ڪندي هئي، انهي ڏينهن سندس گهر ۾ ٿورڙي اَن کان سواءِ ٻيو ڪي ٻه موجود نه هو، جو مزدوريءَ جي پئسن مان خريد ڪيو ويو هو ، انهي اَن کي چڙي پيهي تيار ڪري ٻه مانيون ٺاهيائين، اهي رُکيون ٻه مانيون پچائي ڪٽي آئي ته ايتري ۾ ڪوسائل ٻاهران در تي آيو ۽ الله سبحانه وتعاليٰ جي اسم تي مانيءَ جو سوال ڪيائين ته بي بي صاحبه انهن مان هڪڙي ماني ڪڍي فقير کي ڏياري موڪلي، ٻي ماني ٻه ان سائل کي ڪٽي ڏني.

مهمانن اهو سمورو حال پنهنجن اکين سان ويٺي ڏٺو. بي بي صاحبه جي خدمت ۾ عرض ڪيائون ته اسان کي اوهان جي ولايت جي ڪمالیت ۾ ڪو ٻه شڪ شبهو ڪونهي. پر ڪجهه ظاهر علم ضرور ڪپي. ڇو ته اهي ٻه مانيون اسان جو حق هو. بي بي صاحبه کين ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ في الحال صبر ڪٽي ڪيائين، اڃان گهڙي کن مس گذري ته اهل دولت جي گهر مان هڪڙي ٻانهي اوٽيهه مانيون بيبي صاحبه جي خدمت ۾ ڪٽي اچي حاضر ڪيون. بيبي صاحبه اهي مانيون ڳٽي ٻانهيءَ کي چيائين ته هي اوٽويهه مانيون اسان جي ملڪيت نه آهن ، هي ڪنهن ٻئي جون هونديون، جي اسان جون هجن ها ته ويهه هجن ها. ڇو ته اسان الله سبحانه وتعاليٰ جي واٽ ۾ ٻه مانيون ڏنيون آهن.هي فرمودو مبارڪ بنا شڪ شبهي جي صحيح آهي ته هڪ نيڪيءَ جي عيوض ڏهه اجر دنيا ۾ ۽ ستر اجر آخرت ۾ عطا فرمائيندا. تنهن موجب اسان کي ٻه ويهه ئي مانيون ملڻيون آهن، اها ماني ته ويچاري ٻانهي واٽ تي لڪائي رکي هئي سو يڪدم اتان پڳي ۽ اها ماني ٻه ڪٽي اچي حاضر ڪيائين. جڏهن ويهه ئي مانيون پوريون ٿيون، تڏهن اهي ڪٽي اچي مهمانن کي کارايائون ۽ پاڻ ٻه ان مان ڪائي خوش ٿيا. پوءِ جڏهن ڪائي پي فارغ ٿيا تڏهن بي بي صاحبه مهمانن کي چيو ته اوهين عالم، عابد ۽ زاهد بلاشڪ آهيو پر خدا تعاليٰ تي توڪل، سا ڪانه اٿو.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 41: غريق بحرِ عرفان خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ مير زنگي ٽالپر اسان ڏانهن ويساهہ بالڪل تمام گهٽو رکندو هو. پوءِ هڪڙي سال ڪجهہ اَن اسان ڏانهن فقيرن جي خرچ لاءِ موڪليائين. جو اسان قبول ڪيو وري ٻي سال اسان لاڙ جي سفر ۾ هئاسون تہ پويان اَن ڏياري موڪليائين. جو صاحبزادن اهو ان وٺي تصرف هيٺ آندو وري ٽين سال بہ اسان مسجد شريف ۾ وينا هئاسون تہ صالح نالي مير زنگي جو نوڪر مسجد شريف ۾ آيو ۽ چيائين تہ حضرتا! مير زنگي خان ڪجهہ ان نڏرانو موڪليو آهي، جاڻي حڪم ٿئي تہ اتي لاهي رکون. اسان کي اها ڳالهہ البت ڳوري لڳي ۽ ڪيس چيوسون تہ ان موڪائي وڃ، اسان نہ وٺنداسون. ان چوڻ تي صالح البت ڏڃي ويو ۽ چيائين تہ حضرتا! مير صاحب حضور جي درگاهہ مبارڪ ڏانهن تمام گهٽي ويساهہ وارو آهي. تڏهن اسان ڪيس ڪلي چيو تہ اسان توهان جي مير تي رنج ڪونہ ٿيا آهيون، پر توهان هي ان موڪلڻ سپ ڪنهن سال ۾ پاڻ تي مقرر ڪري ڇڏيو آهي، اهڙي طرح اسان کي وٺڻو نہ آهي، ڇو تہ اڳيان مشائخ جيڪي تارڪ ۽ توڪل جا صاحب بي طمع هوندا هئا تن وٽ مريد نڏرانو آڻيندا هئا ۽ عادت ٿي وڃڻ ڪري انهن بزرگن جي اولاد مريدن ۾ طامع ٿي پئي ۽ چوڻ لڳا آڳاٽي دستور موجب مقرر ڏڻ پري ڏيو. جڏهن تہ اسان کي بہ اولاد آهي، تنهن ڪري اهڙي دستور، سال بسال نہ وٺنداسون.

نقل 42: ساڳيو خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر مير ٻيو ٽالپر قدم بوسي لاءِ سندن حضور ۾ حاضر ٿيو هو، پوءِ سندن خدمت ۾ عرض گذاريائين تہ حضرتا! ڪجهہ ان فقيرن جي تصرف لاءِ نڏرانو ڪيو اٿئون، ڪوئي فقير اسان سان گڏجي هلي تہ ان جي هٿ موڪلي ڏيون. پاڻ فرمايائون تہ شال خدا تعالىٰ ايئن نہ ڪندو، جو ڪنهن خدا جي طالب کي دقت ڏيون، اسان جو رزق مقدر مقرر آهي، جو اصل ڪين مٽبو سٽبو. جيڪي هن ٽنڀي وٽ اسان کي اچي ملندو اها ئي اسان جي ملڪيت آهي ۽ بس پوءِ مير ٻڌي اهو ان وڪٽائي ان جا پئسا پنهنجن ماٽهن هٿ حضور مبارڪ ۾ ڏياري موڪليا. پاڻ انهي ئي ٽنڀي وٽ مسجد شريف ۾ وينا هئا، جنهن ڏانهن اشارو ڪيو هئائون، اتي مير ٻڌي جي ماٽهو پئسا رومال ۾ ٻڌي اڳيان آڻي نذر رکيا. سچ آهي تہ ،

وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ (الطلاق : ٣)

ترجمو: جيڪو ماٽهو الله سبحانہ وتعالىٰ تي توڪل ڪندو تہ ان لاءِ الله تبارڪ وتعالىٰ ڪافي آهي.

نقل 43: ساڳيو خليفو صاحب نقل ڪري ٿو تہ هيڪر مون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! هن ڪان اڳ ڪسب ڪندو هوس پوءِ جڏهن حالت منهن ڏنو تہ ان سان بي خبري حاصل ٿي ويئي. جنهن ڪري ڪسب ڪرڻ جي طاقت نڪري وئي، هينئر جو حوصلو ٿيو آهي، جيڪڏهن ڪسب جو امر ٿئي تہ ڪسب ڪيان نہ تہ بس. پاڻ فرمايائون تہ پنهنجي نفس کان پڇي ڏس. جيڪڏهن ڪن شين جي سڌ رکي ٿو تہ اوئين ڪسب ڪرڻ چڱو آهي، نہ تہ نفس طمع ۾، جا بدتر ڳالهہ آهي، پئجي ويندو. پر جي ڪا سڌائي ڪانہ رهي آهي تہ هونئن ئي توڪل ڀلي آهي. مون عرض ڪيو تہ

حضرتا! منهنجو حال تہ سمورو ئي حضور جن کي نيڪ روشن آهي تہ اندر ۾ ڪابہ سڌ ڪانہ رهي آهي، چو تہ جيڪي بہ پنهنجي سڌ سان ڪيو وڃي ٿو سو سمورو ئي حرام آهي ۽ الله تعالىٰ جل شانہ پنهنجي طالبن کي ڪڏهن بہ حرام نہ کارائيندو. جيئن تہ الله تبارڪ وتعالىٰ فرمايو آهي تہ:

اَلْخَبِيْثٰتُ لِلْخَبِيْثِيْنَ وَالْخَبِيْثُوْنَ لِلْخَبِيْثٰتِ ۚ وَالطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيْنَ وَالطَّيِّبُوْنَ لِلطَّيِّبٰتِ (النور : ٢٦)

ترجمو: پليت شيون پليت ماڻهن لاءِ ۽ پليت ماڻهو پليت شين لاءِ آهن ۽ پاڪ شيون پاڪ ماڻهن لاءِ ۽ پاڪ ماڻهو پاڪ شين لاءِ آهن.

نقل 44: ساڳيو خليفو صاحب نقل ڪري ٿو تہ هيڪر درگاهہ مبارڪ واري مسجد شريف ۾ سندن حضور مبارڪ ۾ اڳين نماز ادا ڪري وينا هئاسون تہ پاڻ فرمايائون تہ اي يارؤ! اوهان کان صلاح ٿا پڇون تہ مير ٻڌي ٽالپر سترهن خرار جوار جي اَن جا سلطان فقير ٽالپر جي هٿ فقيرن جي ننگر لاءِ موڪلي ڏنا آهن ۽ اسان کي هڪ خط بہ موڪليو اٿس. جنهن ۾ لکيل آهي تہ مٿئين قدر موجب فقيرن جي خرچ لاءِ سال بسال سندس پرڳڻي مان وصول ڪندا رهو ۽ چار خرار ميان قابل شاهہ لاءِ بہ ڏيٽا ڪيا اٿس. پوءِ فرمايائون تہ ميان قابل شاهہ پنهنجا ڪم پاڻ ڄاڻي. پر اسان هينئر ڇا ڪيون؟ خليفي محمد ناهيي عرض ڪيو تہ حضرتا! اسان کي ڪهڙي طاقت آهي جو حضور مبارڪ ۾ صلاح مصلحت ڏيئي سگهون. پوءِ فرمايائون تہ ايئن ناهي، بلڪ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن بہ اصحابن سڳورن کان هن آيت شريف جي حڪم موجب صلاح مصلحت پڇندا هئا. اها آيت شريف هي آهي:

وَشَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ (اٰل عمران : ١٥٩)

ترجمو: ڪم ڪار ۾ پنهنجن اصحابن سڳورن سان صلاح مصلحت ڪندو رهہ.

اسان بہ انهيءَ ڪري اوهان کان مصلحت ٿا پڇون. پوءِ سيئي فقير چپ ڪري ويا، ڪنهن کي بہ ڪا طاقت ڪانہ ٿي جو مصلحت ڪٽي ڏي تہ ايتري ۾ سلطان فقير ٽالپر عرض ڪيو تہ حضرتا! هن ويچاري تي توجهہ ۽ مهرباني فرمائي هينئر تہ هڪ پيرو قبول فرمايو، چو تہ اسان جي ۽ مير ٻڌي جن جي وچ ۾ البت تڪرار هلندڙ آهي، متان هو سمجهي تہ سلطان فقير منهنجي پرپٽ حضور مبارڪ ۾ گلا ڪئي آهي، جنهن ڪري سندن درگاهہ ۾ منهنجو نذرانو قبول نہ پيو. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ هينئر جيڪڏهن قبول ٿا ڪريون تہ اسان جي شان ڪان پري آهي پر جي نٿا قبول ڪريون تہ هنن جي وچ ۾ فتنو فساد ٿوپوي، پوءِ پاڻ صبر ۾ رهيا. خدا تعالىٰ جي حڪم سان اهو پرڳڻو انهي سال بلڪل غير آباد ۽ ويران رهجي ويو. جنهن ڪري ڪين نذراني جي قبول ڪرڻ جي تڪليف ڪان آزادگي ٿي پئي.

از همہ خلق جهاں کن بے نياز
کار سازا کار اين بے چارہ ساز

يعني: اي رب العالمين! جهان جي ساري مخلوقات ڪان مونکي بي احتياج ڪري ڇڏ ۽ اي ڪارساز! مون مسڪين جو ڪم پاڻ پنهنجي فضل سان راس ڪر.

فصل چوٿون
تدبير جي ڇڏڻ بابت

نقل 1: خليفو محمود رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر لاڙ جي سفر ۾ گوني واهه جي ٻڪ سان سندن رڪيب سان گڏ هئاسون. پاڻ دعوتن جي ونڊ بابت فرمايائون ته ڪهڙي طرح ونڊ گهرجن؟ خليفو ٿو چوي ته مون خدمت سڳوري ۾ ٻه رستا دعوتن ونڊ لاءِ عرض ڪيا ته يا هينئن ڪجي يا هونءَ ڪجي. پاڻ فرمايائون ته پنجٽيهه ورهيه ٿيا آهن جو اسان پنهنجي ارادي جي واڳ ٻين جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏي آهي ۽ پنهنجي تدبير الله سبحانه و تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏي اٿئون. هينئر جيئن اوهان ٺا چئو ايئن ڪنداسون. پوءِ پاڻ منهنجي عرض موجب عمل فرمايائون.

نقل 2: هيڪر پاڻ فرمايائون ته هڪڙي ڏينهن سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سره کي الله تبارڪ وتعاليٰ الهام ڪيو ته اي بايزيد! جيڪي گهرٽو هجي سو گهر. شيخ قدس سره جي درگاهه ۾ عرض ڪيو ته اي خداوند ڪريم! آئون توکان هي ٿو گهران ته مونکي کابه خواهش ۽ گُهر نه رهي. بلڪ آئون به ڪونه هجان ته مڙئي تون ئي تون هجين.

پوءِ پاڻ انهيءَ هنڌ فرمايائون ته طالب کي کپي ته پنهجي تدبير کي بلڪل ترڪ ڪري ڇڏي ۽ پنهنجو پاڻ الله سبحانه وتعاليٰ کي سونپي ڇڏي. جيئن ته هڪڙي بزرگ جو قول آهي ته:

سپردم بتو مايه خويش را
تو داني حساب ڪم و بيش را

يعني: مون ته پنهنجي موڙي تنهنجي حوالي ڪري ڇڏي آهي ۽ پوءِ گهٽ وڌ جو حساب مڙوئي تون ڄاڻين ٿو.

نقل 3: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ ڪچ مُلڪ جو سفر ڪندي دائري دائود ۾ جو پوڄ قلعي کان نزديڪ اوپرندي طرف واقع آهي، تشريف فرما ٿيا هئا. آئون به سندن حضور مبارڪ ۾ وينو هوس ته بادشاهه ٽيپو جي حاڪمن مان هڪڙو حاڪم جو بادشاهه ٽيپو جي وفات کان پوءِ پوڄ قلعي ۾ فتح محمد جمعدار وٽ اچي ملازم ٿيو هو ۽ طريقو چشتي رکندو هو، سو اتي حضور جن جي زيارت لاءِ حاضر ٿيو ۽ سلام اچي ڏنائين. پاڻ سلام جو جواب ڏيئي ساٽس بغلگيري ڪيائون ۽ خير وعافيت جي خبر چار پچيائونس. هو به حضور پر نور ۾ پاسي سان ويجهڙو ويهي رهيو ۽ سائين جن کان نالو مبارڪ پچيائين. پاڻ ڪيس نالو مبارڪ ڏسيائون جو ٻڌڻ شرط چوڻ لڳو ته بلاشڪ اوهان راشدن يعني رستو ڏيکاريندڙ رهبرن جي جماعت مان آهيون، پوءِ پچيائين ته ڪهڙي طرف وڃڻ جو ارادو آهي؟ پاڻ جواب

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ھڪ بيت فرمايائونس:

رشتہ در گرو نم افگندہ دوست
می برد ہر جا کہ خاطر خواہ اوست

يعني: منهنجي ڪنڌ ۾ دوست جي ڏور پيل آهي، پوءِ جتي سندس مرضي پوي تي اوڏانهن ڇڪي وڃي ٿو.

ان کان پوءِ هندوستاني دستور موجب زمين خدمت جي چميائين ۽ ادب، نياز ۽ نوڙت بجا آڻي موڪلائي هليو ويو. سندس وڃڻ کان پوءِ پاڻ فرمايائون ته هي شخص تمام چڱو ۽ قابل انسان آهي.

نقل 4: هڪڙو فقير، جو سچو ۽ معتبر راوي آهي،نقل ڪري ٿو ته جڏهن صاحبزادن سڳورن جي شادين جو موقعو هو ۽ ڪيترائي ڏينهن ماڻهن جي آمد رفت جو سلسلو جاري هو ۽ عمدا عمدا طعام پي تيار ٿيا. تن ڏينهن ۾ پاڻ برابر تي ڏينهن اصل ڪونہ کاڌو پيتو هئائون. صاحبزادن سڳورن ۽ ٻين ٻاهرين طعام تي مقرر ٿيل ماڻهن جي خيال ۾ هو ته پاڻ اندر حاويليءَ مبارڪ ۾ کاڌو پيتو هوندائون ۽ حاويلي مبارڪ وارن وري سمجهيو ته پاڻ ٻاهرڪائيندا پيئندا هوندا. جنهن ڪري ڪنهن ماڻهو بہ ڪين سعيو ڪري ڪونہ کارايو نہ ڪي وري پاڻ بہ ڪنهن کان گهري کاڌائون.تن ڏينهن کان پوءِ ماڻهن کي جڏهن اها خبر پئي تڏهن طعام ڪٽي آڻي حاضر ڪيائون تڏهن پاڻ طعام واپرايائون.

نقل 5: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته هيڪر مون حضرت صاحبزادي سڳوري وڏي يعني پيرسائين تجر ڏٽي مسند نشين اول قدس سرہ جي خدمت سڳوريءَ ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! پاڻ بيماري جي مدت ۾ ڪنهن بہ کاڌي پيتي جي شيءِ لاءِ تڪليف ڏني هئائون يانہ ؟ صاحبزادي سڳوري ورندي ڏني ته اي خليفا! جڏهن ته سندن روش مبارڪ اصل کان اهڙيءَ طرح هوندي هئي جو ڪڏهن بہ پنهنجي خواهش سان ڪا بہ شيءِ گهري نہ ونندا هئا. تنهن ڪري ايئن پوئين وصال واري بيماري ۾ ڇڇ شيون جيئن ته ماني، چانور، ڏونرو، لسي، ٻوڙ ۽ ساڳ وغيره انهن جهڙيون شيون سندن خدمت ۾ ڪٽي اڇي حاضر ڪندو هوس. پوءِ هيڪر پاڻ چانور ڪائڻ وينا پر هوريان هوريان ڪائڻ ۾ مشغول ٿيا، سندن آهستي ڪائڻ مان معلوم ڪيم ته شايد اجارا آهن تنهن ڪري آهستي ٿا ڪائين. عرض ڪيم ته حضرتا! ڪير ڏيان؟ فرمايائون ته نہ .وري عرض ڪيم ته ڏونرو ڏيان؟ فرمايائون ته نہ، وري عرض ڪيم ته لسي ڏيان؟ پاڻ فرمايائون ته هائو، پوءِ لسي ڏنم پاڻ ان مان سرس پي ويا ۽ ان کان پوءِ طعام بہ ڪجهہ زياده کاڌائون پوءِ فرمايائون ته مون کي اڄ ڏاڍي لڳي هئي پر دل نہ پئي چوي ته سوال ڪريان، جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ بنا سوال جي موجود ڪري ڏني ته پيتي سون.

پوءِ هيءُ سنڌي بيت فرمايائون:

فقير چئجي تنهن کي، جنهين سپ ريءَ سري،
پر گهر پير نہ وجهي، گهران بہ ڪين گهري

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جو مانيءَ لاءِ مري سو سامي گر نہ سامهون

نقل 6: هيڪر سندن خدمت سڳوري ۾ هڪڙي بروچ ۽ گهوڙا ڪاهي اچي حاضر ڪيا ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! انهن ٻن گهوڙن مان هڪڙو اوهان جي لاءِ نذر ڪيو اٿم. جيڪو اوهان جي دل کي پسند اچي سو چونڊي ڪڍو تہ سائين جن جي حوالي ڪيو وڃي. پاڻ فرمايائونس تہ مونکي الله تبارڪ وتعاليٰ دنياوي شين جي چونڊ ڪرڻ واسطي ڪونہ خلقيو آهي.

نقل 7: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ صاحبزادن سڳورن جي شادي جي وقت ٻيا مڙيئي فقير ڪم ڪار سان مشغول ٿي ويا، مون ٻہ سندن خدمت ۾ عرض گذاريو تہ حضرتا! غلام کي اجازت ٿئي تہ ڪنهن ڪم ڪار سان مشغول ٿي وڃان. پاڻ فرمايائون تہ تون وينءُ هج. اسان ۽ تون ٻئي هڪڙي هنڌ ويهي وري ٻي هنڌ ويهنداسون ۽ اتان اٿي وري ٻي هنڌ ويهنداسون.جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ ٿو چوي تہ مونکي ترسڻ نہ آيو ۽ صاحبزادي سڳوري مسند نشين اول قدس سرہ جي خدمت ۾ ڪنهن ڪم ڪار جي مشغوليءَ بابت عرض گذاريم. صاحبزادي سڳوري فرمايو تہ توتي ٿورڙو ڪم ٿا رکون، پوءِ جتي طعام تيار ڪري ٿانون ۾ وجهي پي رکيائون اتي طعام جي حفاظت لاءِ مونکي ويهاري ويا. خليفو ٿو چوي تہ اتي هڪ هنڌ مقيد ٿي ويهڻ مونکي اهڙو تہ سخت لڳو جو ڏاڍو ڪڪ ٿي پيس ۽ سومهياڻي جي وقت جيئن تيئن ڪري پاڻ کي آزاد ڪيم ۽ آئنده لاءِ وري توبہ ڪيم تہ فرمودي جي مخالفت ۾ ڪڍهن ٻہ پير نہ رکندس. پوءِ جيستائين شاديءَ جو ڪم ڪار هو تيستائين اوڏانهن منهن ڪونہ ڪيم بلڪ مسجد شريف ۾ سندن خدمت سڳورين ۽ صحبت منجهہ وينءُ هوندو هوس.

نقل 8: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ طالب کي ڪپي تہ پاڻ کي رسمي خوشامدن ۽ تڪلفن کان بلڪل آزاد رکي. جيئن تہ جيڪڏهن سندس گهر ۾ ڪاڏي لاءِ رب ڇاڙهي هجين ۽ ٻيو ڪو دوست يار مهمان اچي ٿئي تہ هڪ وٽو پاڻي جو سرس ڪڍي وجهيس تہ پل تہ اهو مهمان ٻہ انهي ئي ديگڙي مان خوش ٿي وڃي.

نقل 9: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر حضرت صاحبزادي قدس سرہ جي خدمت ۾ حاضر هوس. پاڻ بيان فرمايائون تہ هيڪر عيد جي موقعي تي سندن حضور ۾ حاضر هوس، پوءِ مهرباني فرمائي هڪڙي ريشمي قميص ڳاڙهي اطلس جي مون کي مرحمت فرمايائون. اسان مڙني صاحبزادن جو دستور هوندو هو تہ سيئي ڪپڙا ڏکي حضور جن جي پويان عيدگاهہ ڏانهن ويندا هئاسون. مون اها قميص شريعت جي لحاظ ڪري نہ پاتي ڇو تہ ڳاڙهو رنگ خصوصاً ريشمي ڪپڙو شرع موجب جائز نہ آهي. پوءِ اها قميص تبرڪ طور محفوظ رکي ڇڏيم ۽ ٻيا ڪپڙا پائي حضور ۾ حاضر ٿيس.پاڻ وهنجڻ ۾ مشغول هئا، مون سندن منهن مبارڪ ڏانهن نهاري ڏٺو تہ البت شڪر رنجي جو اثر نظر آيم. دل ۾ خيال ڪيم تہ هن نارضامندي جو الائي ڇا سبب آهي؟ گهڻا دليل ڏوڙايم پر معلوم نہ پيو ٿي سگهي تہ ڇا سبب آهي. آخر ڪجھ وقت کان پوءِ انهيءَ قميص جو خيال پيم، يڪدم اوطاق تي وڃي اها قميص

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پائي موتي اچي حاضر ٿيس ڏٺم تہ اها دل جي گراني سندن طبع مبارڪ مان برطرف ٿي ويئي هئي. پوءِ عرض ڪيم تہ حضرتا! قميص اوهان جي مرحمت ٿيل شريعت جي لحاظ ڪري ڪاڻ پاتي هيم، اها بي ادبي معاف ٿئي! پاڻ فرمايائون تہ اي بابا! سڀ ڪنهن مشائخ پنهنجي طريقي کي ڪنهن نہ ڪنهن لباس سان جلوو ڏياريو آهي. پوءِ ڪن ڳاڙهي رنگ کي اختيار ڪيو، ڪن ڪڪي رنگ کي پسند ڪيو، ڪن ڪفني پاتي ۽ پارائي، ڪن قلندري ويس ورتو مطلب تہ اهڙي طرح سڀ ڪنهن پنهنجي مناسب حال روش ۽ لباس تي عمل ڪيو آهي. پر اسان وٽ ڪنهن بہ رسم جو قيد ڪونهي، جيڪي بہ خدا تعاليٰ بنا تدبير ۽ ڪوشش جي مرحمت فرمائي ٿو سا اسان جي ملڪيت آهي. باقي هڪ لباس سان پاڻ کي مقيد نہ ڪنداسون:

درويش صفت باش كلاه تبزي دار

فقيرن جون صفتون پيدا ڪر پوءِ ٽوپي ڪٽي تتري پاءِ تہ ڪو فڪر ڪونهي، يعني لباس ڪهڙو بہ هجي مگر فقيرن جو صفتون پيدا ڪرڻ ضروري آهن.

نقل 10: طيب فقير راهوڪڙو رهندڙ ديهہ ڪنڊڙيءَ جو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ باغيچي ۾ استراحت پذير هئا. (يعني آرامي هئا) تہ ايتري ۾ هڪڙي شخص ڪائنڪ مڙسيءَ جي طاقت لاءِ ڪا دوا گهري. پاڻ فرمايائون تہ ان شاءَ الله تعاليٰ جيڪڏهن ڪنهن آٽي ڏني تہ توکي ان مان ڏيندا سون. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هيڪر ڪنهن شخص قوت جون دوائون تيار ڪري اسان کي آٽي ڏنيون هيون، انهن مان هڪڙي تمام عمدي ۽ مقوي هئي ۽ بي وڇڙي هئي نہ تمام عمدي نہ تمام سادي. پوءِ اها درمياني دوا ان شخص کي سوال موجب ڏني سون. جنهن کي مڙسي جي طاقت اصل ڪاڻ هئي،حڪيم مطلق جي حڪم سان ڪيس ڏاڍي طاقت پيدا ٿي پئي ۽ ڪيس اولاد بہ پيدا ٿي ۽ هو بي دوا بہ استعمال ۾ آندي وئي جنهن مان ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيو. بلڪ رهندو نقصان ۽ ضرر ڪيائين. پوءِ الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان اسان کي الهام ٿيو تہ تون مختيار هئين چا؟ جو هن سبب کي اختيار ڪئي ۽ دوائن جو وسيلو وچ ۾ آندءِ انهي ئي سبب ڪري تنهنجي دوا اثر واري ڪاڻ ٿي آهي.

اي عزيز! هي نقل بيان فرمايل سندن پنهنجي احوال جي ظاهر ڪرڻ لاءِ نہ هو. بلڪ طالبن مبتدين ۽ متوسلين جي ترغيب لاءِ بيان آندائون،جو تہ جيڪو بہ طالب طريقت ۾ پير رکي تہ ان کي لازم آهي تہ، پنهنجي نفس کي سڏن ۽ خواهشن کان بلڪل بند ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي اختيار کان بي اختيار ٿي ظاهري توڙي باطني تدبيرن کي ترڪ ڪرڻ پاڻ کي بالڪليہ خدا تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ ڪنهن بہ ڪم ۾ الله سبحانہ وتعاليٰ کان سواءِ بي کي وسيلو نہ آٹي ۽ هن بيت موجب عمل رکي:

سپردم بتو مايہ خويش را
تو دانی حساب کم و بيش را

سكندريه پبليكشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

يعني: مون تہ پنهنجي ڪلئي موڙي تنهنجي حوالي ڪري ڇڏي آهي ۽ پوءِ گهٽ وڌ جو حساب مڙوئي تون ڇاڻين ٿو.

نقل 11: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر تي اسان جي طرف ڏانهن تشريف فرما ٿيا هئا. سندن سٽ ايتري قدر تہ پراڻي ٿي ويئي هئي جو ڏسڻ جي لائق بلڪل نہ رهي هئي. مگر پاڻ نئين سٽ جي ڦهرائڻ لاءِ ڪوبہ حڪم ڪونہ فرمايو هئائون. حاجي ابوطلحہ پناڻ جو سندن مريدن ۽ پيش خدمتين مان هو، تنهن جوڙيءَ جو هڪڙو ٽاڻُ ازخود نصرپور مان خريد ڪري ہ سٽڻون سبرائي اچي خدمت شريف ۾ حاضر ڪيائين. انهن مان هڪڙي سٽ پاڻ پاتائون ۽ پي سٽ صاحبزادي مسند نشين قدس سرہ پاتي.

اي عزيز! دنياوي ڪمن ۾ پاڻ ايترو بہ سعيو نہ فرمايو اٿن جو ستر عورت، جو نهايت لاچاري ۽ ضروري ڪم آهي. مگر پاڻ ان لاءِ بہ پاڻون امر ڪونہ فرمايو اٿن.

نقل 12: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ بيان ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر تي تشريف فرما ٿيا هئا ڪين هڪ پراڻي سٽ ڏسڻ هئي، پاڻ انهي ئي سٽ سان ڪچ ملڪ جي سفر تي روانا ٿي ويا. سٽ اهڙي تہ پراڻي ٿي وئي جو جيڪر ڪو مسڪين بہ اهڙي سٽ ڪونہ پائي. ڏاهڙي ڏاهڙي ڦاٽي پوندي هئي ۽ فقير ٽوپا ٽڪا ڏيندا هئا. پاڻ ڪڏهن بہ مڏيدارن پنهجن ڪي نئين پوشاڪ ڦهرائڻ لاءِ حڪم ڪونہ فرمايائون. پوءِ جڏهن پاڻ ڪچ جي سفر تان موٽي اچي ديهہ ڪوڏي واقع پرڳڻي ونگن جي ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن اتي پيرزادو سيد ميان احمد شاهہ جو حضرت پيران پير قدس سرہ جي اولاد مان حضرت مرشد ڪريم قدس سرہ جو مريد هو، تنهن سمورا ڪپڙا پوشاڪ جا ڪٽي اچي خدمت شريف ۾ نذرانو رکيا ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! هي ڪپڙا اوهين پاڻ ڏسيو ، پوءِ سندس سوال موجب پاڻ انهي وقت اهي ڪپڙا پاتائون.

نقل 13: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ حاجي ناري فقير ڳالهہ ڪئي تہ هيڪر بہ ٽي ننڍڙا ڪنوات يعني اٽن جا گورڙا سندن حضور مبارڪ ۾ نذراني طور آندا ويا. پاڻ انهن جي وڪٽڻ لاءِ حڪم فرمايائون. جڏهن تہ ڪنوات تمام ننڍڙا وڪٽڻ جي لائق بلڪل نہ هئا. تنهن ڪري سندن خدمت ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! هينئر هنن گورڙن جي وڪٽن مان ڇا پيدا ٿيندو؟ جو هي تمام ننڍڙا آهن ڪابہ قيمت ڪانہ پيدا ڪندا. مگر پاڻ وري بہ ان بابت زياده تاڪيد ۽ ڪوشش فرمايائون. جو نيٺ اهي گورڙا خيرپور جي آسپاس ٽورڙي قيمت تي وڪٽي پئسا ڪٽي اچي باغيچي ۾ سندن آڏو رکيم. پاڻ فرمايائون تہ اي حاجي ناراڻ! تون ڏاڏو داناءُ ۽ هوشيار ماڻهو آهين جو هيتري قيمت تي اٽ وڪٽي آيو آهين، منهنجو خيال هو تہ ايتري قيمت بلڪل نہ ڪندا، جيتري اوهان جي هوشياري سان ڪري ويا. مون عرض ڪيو تہ حضرتا! اسان جي نظر ۾ تہ اٽن جي قيمت ۾ رڳو نقصان تاون ٿيو آهي، پر پاڻ وري بہ هر هر فرمائيندا رهيا تہ تو ڏاڏي هوشياري ۽ چالاڪي سان سڻي قيمت تي اٽ وڪيا آهن.

نقل 14: ساڳيو خليفو صاحب، عاقل ميمڻ رهندڙ کوکرن جي کان نقل ڪري ٻڌايو ته هيڪر پاڻ ميمڻ مٺئين کي فرمايائون ته ڪي قدر سون موجود ٿيو آهي، ان کي وڃي خيرپور ۾ يا آسپاس وارن ٽنڊن ۾ وڪڻي آءُ ته پئسا خرچيا وڃن. مون عرض ڪيو ته حضرتا! سون جو معاملو آهي، سو تور تڪور کان سواءِ وڪڻڻ هن مسڪين کان نه ٿي سگهندو، پر جي توري ڏنو وڃي ته پوءِ مون کي البت وڪڻڻ سهنجو لڳندو، پاڻ فرمايائون ته تورڻ جو ڪو ضرور ڪونهي، ڇوته هي تمام آسان ۽ سهنجڙو ڪم آهي، اسان جي دل کي ان ۾ ڪو به خيال خطرو ڪونه ٿيندو، تون ان جي وڪڻڻ ۾ ڪوبه وهم پنهنجي دل ۾ نه آڻ. عاقل ميمڻ ٻڌو چوي ته نيٺ مون حضرت صاحبزادي مسند نشين قدس سره جي خدمت ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! سائين جن مون کي هن سون وڪڻڻ لاءِ امر فرمايو اٿن. پر تورڻ کان سواءِ آئون ڏڃان ٿو، صاحبزادي سڳوري سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! هي سون تورائي پوءِ عاقل ميمڻ کي عنايت فرمايو ته ڇڏيو، ڇو ته ان کري سندس دل جي تسلي ٿي پوندي. پاڻ فرمايائون ته هي شخص ته اوئين پنهنجي خيال ۾ پيو ٿو ڏڃي باقي اسان کي ته ڪوبه خطرو ڪونهي. نيٺ پاڻ تورائڻ جي موڪل ڏنائون. اهو زيور جو ڏُهري ٺهيل هئي، تورائي عالم خان ٽالپر جي ديهه واقع لڳ خيرپور جي ۾ ڪٽي ويس ۽ اهو زيور هڪڙي ٻانهي جي هٿ عالم خان جي ديري جي طرف ڏياري موڪليم، گهڙي کن ڪانپوءِ ٻانهي موٽي آئي ۽ چيائين ته پسند نه آئي، وري جو خيال ڪري ڏنم ته ٻه ٽي ڏاڪا ڏهريءَ مان گم ٿيا پيا آهن. گهٽئي ڳولا ڪولا جاچ جوچ ڪيم پر هٿ ڪين آيا. پوءِ نيٺ اهڙي ئي حال سان اهو زيور سندن خدمت سڳوريءَ ۾ موڪلائي آندم ۽ عرض ڪيم ته حضرتا! هي زيور وڪاڙو ته ڪونه پر رهندو ٻه ٽي ڏاڪا ان مان گم ٿي ويا آهن. پاڻ خوش طبعي طرح فرمايائون ته اسان بنا تور جي اوهان کي ڏنوسون پي پر توهان هرپرو تورائي ويا. هينئر جيڪو نقصان ٿيو سو اوهان کان پرائي وڻڻو آهي. مون عرض ڪيو ته حضرتا! اکين سان پري ڏيندس. پاڻ فرمايائون ته هي سخن خوشطبعي ڪري چيوسون دل ۾ رنج نه ٿجو.

نقل 15: اميد علي ٽالپر نقل ڪري ٻوڌو ته هيڪر مون درگاهه مبارڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ تياري ڪئي، پر نذراني لاءِ ڪابه شيءِ موجود ڪانه پئي ٿي، جو هٿ ڪري درگاهه تي وڃان. انهيءَ خيال ڪري ٽي چار ڏاڙڙا وڃڻ ۾ دير لڳي ويئي، چوٽين ڏينهن ڪجهه موجود ٿيو، جو ساڻ ڪٽي درگاهه مبارڪ ڏانهن روانو ٿيس. جڏهن اتي پهتس ته پاڻ باغيچي ۾ وينا هئا. اتي وڃي سندن قدمبوسي کان مشرف ٿيس ۽ نذرانو جيڪي ساڻ هيو، سو سندن آڏو رکيم. پاڻ جوش سان فرمايائون ته ڪڻ هتان هي نذرانو، جيڪا شيءِ خدا تعاليٰ جي رستي کان روکي وجهي سا اسان جي حضور ۾ قبول ڪانه پوندي. مون گهڻو ئي عرض معروض ڪيو پر پاڻ هرگز قبول نه ڪيائون. مون چيو ته حضرتا! هن غلام کان ڪا ٻي ته ڪوتاهي ڪانه ٿي آهي، مگر اڃڻ جي تياري کان پوءِ چار ڏينهن دير پئجي وئي آهي، پاڻ فرمايائون ته ايترو خلل به ته پيدا ٿي پيو نه. آخر پاڻ اهو نذرانو نه ورتائون.

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 16: الهداد فقير نظاماڻي هڪڙي معتبر فقير کان نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ سفر ۾ هئا، پوءِ هڪڙي هنڌ سواري جي وقت گهوڙو سانباهي آڏو ڪاهي اچي جهليائون، پاڻ پير مبارڪ رڪيب ۾ وجهي ڪيڏي ورتائون ۽ فرمايائون ته ماڻهو پائڻ ٿا ته پير پنهنجي ڪوشش سان گهوڙا سنجن سميت فقيرن کان سواري لاءِ تيار پيو ٿو ڪرائي، حالانڪ اسان کي پنهنجي اختيار سان هن ۾ ڪابه ڪوشش ڪانه آهي، جيتوڻيڪ سفر جي حالت آهي، ته به ارادو اهو اٿئون ته جيڪر پيرين پيادا هليا وڃون، پر جڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ بنا سعي ۽ اختيار اسانجي، گهوڙا سنجرائي سواري لاءِ تيار ڪرائي اڳيان موڪلي ٿو ڏئي تڏهن اسين به انهن تي سوار ٿيون ٿا.

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل پنجون
الله تبارڪ وتعاليٰ کان سواءِ ٻي سموري مخلوقات کان ڳانڍاپا ڇني ڇڏڻ بابت

نقل 1: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ طالب کي غير کان سپ ڳانڍاپا صفا صاف ڇني ڇڏڻ گهرجن ۽ ظاهر توڙي باطن ۾ تعلقات توڙي تجريد تي محڪم ٿي وڃڻ گهرجيس، ائين نہ ڪري تہ ڪڏهن خدا تعاليٰ سان مشغولي ڪري تہ ڪڏهن وري دنيا جي اسباب سان وڃي مشغولي ڪري. اهڙي ٻہ طرفي طالب جي حق ۾ هي سنڌي بيت فرمائيندا هئا:

ڏينهان گهاري ڏم سين راتين ميهارين،
جيلاهين ٻن پارين تيلاهين ٻڏي سهٽي

نقل 2: هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ حضرت خواجہ بهاءُ الدين نقشبند قدس سره فرمائيندا هئا تہ هن مڙس (علاءُ الدين عطار) بار جي ڳورائي مون تان لاهي وڌي آهي. يعني تہ خلق سان منهن ڏيڻ لاءِ خواجہ علاءُ الدين عطار قدس سره کي مقرر ڪري ڇڏيائون ۽ پاڻ دل جي فراغت سان الله تبارڪ وتعاليٰ سان مشغول ٿي ويا. ڇو تہ خلق جي رجوعات ٻہ اهلُ الله تي وڌو بار ٿي پوي ٿو.

جيئن خواجہ شيرازي قدس سره ان بابت فرمايو آهي:

آسماں بار امانت نتوانست کشید
قرعہ فال بنام من دیوانہ زدند

يعني: آسمان ٻہ هن امانت جي ڳوري بار کي کڻي نہ سگهيو، پر ان بار کڻڻ جو مون ديواني جي نالي تي آڻي ڏارو اڇلايائون.

نقل 3: پاڻ فرمائيندا هئا تہ سچي طالب کي نفساني سڌن کان اهڙي طرح آزاد ٿيڻ کپي جهڙي طرح سڪرات جي وقت .جو ان وقت سموريون سڌون جسي مان نڪري ويندیون آهن. تيئن طالب کي ٻہ سيني سڌن کان صاف ٿي وڃڻ گهرجي.

نقل 4: عرضي فقير نقل ڪري ٿو تہ صاحبزادن سڳورن جي شادي وارن ڏينهن ۾ درگاهہ مبارڪ تي چئني پاسن کان ايتري تہ خلق اچي ڪني ٿي هئي جو حساب جي انداز کان ٻاهر، پنجن ڇهن ڏينهن کان

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بہ زيادہ ماڻهن جي آمد رفت ۾ ماني جي رڌ پچاءَ ۾ ٻيو سمورو انتظام جاري رهيو. پاڻ انهي سموري وقت ۾ مسجد شريف ۾ وينا هئا ۾ کڏهن بہ راڌڻ جي جاءِ ڏانهن ليئو بہ کونہ پاتائون. اتفاقاً هڪڙو شهر جو ماڻهو ان وقتن ۾ فوت ٿي ويو. پاڻ سندس جنازي نماز ادا کرڻ لاءِ بنيءَ واري جاءِ کان اچي لنگهيا پر اک ڦيرائي ان طرف واجهايائون بہ نہ ۾ ان فوتي جي دفن کان پوءِ وري اچي مسجد شريف ۾ ويهي رهيا. ان وقت کي زالون اهل اشراف جون جو شاديءَ جي دعوت تي آيل هيون، زيارت جي لاءِ مسجد شريف ۾ پي آيون. جنهن کري سيني فقيرن کي مسجد شريف مان ٻاهر کڍي ڇڏيائون. مگر خليفو صاحبڏنو رحمۃ اللہ علیہ جو سندن روبرو وينو هو. تنهن کي بہ فقيرن ٻانهن مان وڃي ٻاهر کڍيون پي ويا تہ پاڻ کين فرمايائون تہ هن يار کي کي بہ نہ ڇئو، پل تہ اتي وينو هجي.

سکندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

باب ستون

هن ۾ چار فصل آهن:

فصل پهريون
طالبن جي بلند همتي بابت

نقل 1: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ حضرت خواجہ سيد آدم بنوري قدس سره پهريان قادري طريقي ۾ شيخ بهلول رهندڙ ملتان جي کان تلقين ورتي هئائون . اهو شيخ بهلول قدس سره وري خواجہ احمد فاروقي سرهندي نقشبندي جيڪو عام طرح مجدد الف ثاني قدس سره جي لقب سان مشهور آهي. تنهن جي خليفن مان هڪڙو خليفو هو. خواجہ صاحب قدس سره ٻہ ٽي ڏينهن شيخ بهلول قدس سره جي صحبت ۾ مس رهيا تہ کين حالات اچي ورتو ۽ جلد ئي کي احوال ۽ کشف شيخ کان پڇيائون.جنهن جي جواب ۾ جيڪا شيخ کي سمجهہ ۽ پروڙ هئي بيان کيائين ۽ جيڪي سندس پروڙ ۾ نہ آيو تنهن لاءِ کيس هڪ سفارش نامو پنهنجي مرشد حضرت مجدد الف ثاني قدس سره ڏانهن لکي ڏنائين. خواجہ صاحب انهيءَ سفارش نامي جي وسيلي سان سرهند آيو ۽ سندن خدمت ۾ سفارش نامو پيش کري پنهنجا حالات عرض رکيائين. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ اي شيخ آدم! تنهنجو استعداد يعني همت جي بلندي تمام قوي آهي. تنهن کري توکان خلاصي جاءِ ۾ حال احوال پڇي تنهن کان پوءِ توکي وري نئين سر مريد کنداسين پوءِ شيخ آدم قدس سره کي خلوت ۾ گهرائي سندس احوال کان واقف ٿيا ۽ کيس پنهنجي طرفان نئون مريد کري تلقين فرمايائون.

نقل 2: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر مون سندن خدمت اقدس ۾ عرض کيو تہ حضرتا! پيا مشائخ سڳورا لطيفن مان هر هڪ لطيفي جون جايون جدا جدا مريدن کي تلقين ٿا فرمائن ۽ سندن رنگ ساوا، اڇا، گاڙهو ۽ کارا بيان کري ٿا ٻڌائين ۽ اوهان مڙئي هڪ پيري سان مريدن کي تلقين کري ٿا ڇڏيو. تنهن جو ڇا وجهہ؟ پاڻ جواب ۾ کجهہ ٻہ نہ فرمايائون. جنهن کري البت مون کي دل تي بار تي بينو. جڏهن ٻہ ڏينهن گذريا تڏهن پاڻ هڪڙي وقت مون کي سڏ کري پاکر پائي خوش ٿي فرمايائون تہ اي ادا! اسان وٽ الله تبارک وتعاليٰ جي وات رڳو هڪڙي وک آهي ۽ هي ٻين مشائخن وارا رستا ٻہ اسان وٽ آهن، پر اسان ٿا چئون تہ جيڪر کوئي انهيءَ هڪڙي وک واري رستي سان نکري پنهنجي مقصود حقيقي کي پهچي وڃي تہ ڏاڍو چڱو:

یک قدم برنفس نہ دیگر قدم در کوئے دوست
ہر چہ بینی دوست بینی با این وآنت کار نیست

سکندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

يعني :هڪڙي لت ڏي پنهنجي نفس جي مٹان ۽ پي وڪ وڃي پنهنجي دوست جي ڳلي۽ ۾ رک. بس پوءِ جيڪي به ڏسندين سو دوست ئي دوست ڏسندين. باقي هن ۽ هن سان تنهنجو ڪو واسطو ڪونهي.

نقل 3: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ مونکي خطاب ڪري فرمايائون ته اي فلاڻا! ڪي مڙس اهڙا آهن، جو گهوڙن کي اهڙو ته تکو ٿا ڪاهين جو ڊڪ ڊوڙ جي زيادتي کان گهوڙن کي ٽڪائي ماندو ڪري بلڪ هلاڪ ڪري ٿا وجهن ته به اڳتي گهليندا ٿا وڃن ۽ پنهنجي ارادي واري واڳ پوئتي نٿا موڙين. وري پوءِ مونکي خطاب ڪري فرمايائون ته ڪي گهوڙا اهڙا آهن، جو چهبڪ کان سواءِ پنهنجي جار ۾ پنڌ ۾ تکا ڪاهيون ٿا وڃن، اهڙا گهوڙا تمام قوت پريا ۽ قيمتي ٿيندا آهن ۽ جيڪي گهوڙا گهڙي۽ گهڙي۽ ۾ چهبڪ جي اشاري جا محتاج هوندا آهن سي پنڌ جا اهڙا تکا ۽ عمدا نه ٿيندا آهن.

اي عزيز! انهن گهوڙن جي ٻن قسمن مان مراد آهن طالب خدا جا، پوءِ جيڪي پهرين قسم جا آهن سي مجذوب سالڪ آهن، جن کي جذبو سلوڪ کان اڳ هوندو آهي، اهڙي طالبن جي سير جي جلدائي اهڙي تکي هوندي آهي جو خمسين الف سنه (پنجاهه هزار سالن) جو پنڌ هڪ لحظي ۾ لتاڙي وڃي ٿا پاهر نڪرن ۽ انهي هوندي به جذبي واري گهوڙي جي واڳ اڳتي هلائيندا ويندا آهن. ٻي قسم گهوڙن جي مثال اهي طالب آهن، جي بنا جذب جي سلوڪ جي رستي سان هلن ٿا. انهن جي استعداد وارو گهوڙو تمام وڏي ڪوشش ۽ زهد، پرهيز ۽ ورع جي چهبڪ جي اشاري سان هوريان هوريان وڪوڏائيندو ٿو وڃي.

نقل4: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت خواجه عبيدالله احرار قدس سره جن خواجه يعقوب چرخي قدس سره کان دست بيعت ٿياهئا .خواجه يعقوب چرخي قدس سره کين طالبن جي تربيت لاءِ امر فرمايائون بلڪ اهڙو ته عام مختيارڪري ڇڏيائون جو فرمايائون ته اي عبيدالله!توکي جهڙي طرح وٽي اهڙي طرح مريدن کي تربيت ڪر.يعني ته جذب سان ڪرين توڙي سلوڪ جي رستي سان توکي اختيار ڏيئي ڇڏيوسين.جڏهن اها حقيقت حضرت خواجه يعقوب چرخي قدس سره جي پين مريدن کي معلوم ٿي تڏهن ريس ٿي پين ۽ عرض ڪيائون ته حضرتا! عبيدالله رڳو اڇ شرط اهڙي مرتبي کي پهچي ويو۽ اسان جو هيتري مدت اوهان جي خدمت سڳوري ۾ گذاري ڇڏي آهي ته به هن مرتبي کي پهچي نه سگهيا آهيون.تنهن ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟خواجه يعقوب قدس سره فرمايو هن مڙس عبيدالله تيل ڏيئو ۽ وٽ سيئي تيار ڪيون پاڻ سان اڳئي کنيون آيو هو،اسان رڳو ان کي باري ڇڏيو آهي.

نقل5: هيڪر پاڻ فرمايائون ته شيخ آدم بنوري قدس سره هڪڙو ڪتاب 'خلاصةالمعارف' نالي تصنيف ڪيو آهي.جنهن ۾ شريعت،طريقت،حقيقت ۽ معرفت جا بيان وڏي تفصيل ۽ چٽائي سان ڏنل آهن. انهي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته جاڻي استعداد وارن طالبن جو فنائيت جو مقام نهايت کان نهايت تي پهچندو آهي.اتان منهنجو آفاقي سير شروع ٿيندو آهي،باقي منهنجو فنائيت جو مقام ٻين جي فنائيت جي مقام کان گهٽو ٻاهر ۽ اڳتي آهي

نقل6: قاضي محمد شفيع رهندڙ هالن جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون شڪارپور جي شهر ۾ سندن حضور ۾ وينو هوس ته اوچتو هڪڙو پٺاڻ قنڌار ملڪ جو وينل سندن خدمت سڳوري ۾ حاضر ٿيو.پاڻ ان کان پڇيائون ته ڪهڙي ڪم سان نڪتو آهين؟عرض ڪيائين ته مون توهان جي صورت مبارڪ جو خواب ۾ مشاهدو ڪيو آهي.۽ خاص خدا تعاليٰ جي طلب لاءِ هيترو پنڌ هٽي حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿيو آهيان.پاڻ فرمايائونس ته پراهين پنڌ کان آيو آهين،وري به پنهنجي دل کان پڇي ڏس ۽ تحقيق ڪر ته متان ڪنهن پي شخص جي صورت ڏٺي هجيئي.پٺاڻ عرض ڪيو ته والله بالله تالله (هي قسم جا لفظ آهن) ته تحقيق سان مون اوهان جي صورت مبارڪ ڏٺي آهي.مونکي پنهنجي طريقي عاليه ۾ داخل فرمايو.پاڻ انهي ڏينهن کيس مشغول نه فرمايائون.پي ڏينهن پيهري جي نماز کان پوءِ کيس تلقين فرمايائون ۽ اٺن پهرن کان پوءِ پڇيائونس ته هاڻي ڇا حال آهي؟عرض ڪيائين ته حصرتا! اوهان باهه جي مثل آهيو ۽ هي مسڪين ڪاڻيءَ جي مثال. پوءِ جڏهن ڪاڻي باهه ۾ پئي ته ڦري ساري ئي باهه بڻجي پئي.پاڻ فرمايائون ته اهو حال 'فنافي الشيخ' جو اٿئي،وري جڏهن ٻيا اٺ پهر گذريا تڏهن وري پڇيائونس ته ڇا حال آهي؟عرض ڪيائين ته جيڏانهن پيو نهاريان تيڏانهن سندس حسن جو جلوو پيو نظر اچي،(همه محمد است) يعني سڀ ڪجهه محمد ﷺ آهي.پاڻ فرمايائون ته اهو 'فنا في الرسول' جو مقام آهي.وري ٽين ڏينهن پڇيائونس ته هاڻي ڪهڙو حال آهي؟عرض ڪيائين ته :

هرجا که می بينم اوست

يعني: جاڏي به ڏسان ٿو اهوئي آهي.

پاڻ فرمايائون ته اهو' فنا في الله' جو مقام آهي،ان کان پوءِ پاڻ فرمايائونس ته هيئنر تون مختيار آهين جو وٽيئي اتي رهه ۽ جي مرضي پويئي ته وطن پنهنجي هليو وڃ۽ هي به توکي اجازت آهي جيڪو خدا تعالي جو طالب اوهان وٽ اچي ۽ رستو پڇي ته ان کي تلقين ڪيو:

همت بلند باید عشق مست را
مرد خسیس همت در عاشقان نگنجد

يعني : مست عاشقن کي پنهنجي همت بلند رکڻ کپي جو ته گهٽ همت وارو ماڻهو عاشقن جي صف ۾ جاءِ نه وٺي سگهندو.

نقل7:حاجي صادق فقير عمراڻي رهندڙ پرڳڻي جهول واقع پرڳڻي چاچڪن جي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته هڪڙو اجايل شخص کوهه تي اچي پهتو . جو اتي دلو ، رسو يا کو ڏول نه رکيل هو. پوءِ هن ڇا ڪيو جو سرون کوهه جي هڪ طرف کان پٽي پي پاسي کان اڇلائيندو ويو،تان ته کوهه سرن سان اچي پريو ۽ پاڻي ان جي ڪري مٿي چڙهي آيو ،هن ان مان ٻڪ پري پاڻي پي ڏئو ڪيائين .پاڻ فرمايائون ته طالب کي به اهڙي ئي همت ڪرڻ کپي جو پنهنجي مقصد کي پهچڻ کان اڳ آرام نه ڪري.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پوءِ پاڻ هي بيت سنڌي فرمايائون:

پچوئي تان پور ، نا تہ پچڻ نہ هوءَ پريتڙ!

يعني : پچڻ کانپوءِ همت ڪري مڙس ٿي .نہ تہ وري محبوب جو ڏس پچين ئي نہ ها.

نقل8: هيڪر پاڻ ڪتاب 'زبدةالرشحات' کان نقل ٿي فرمايائون تہ اي طالب! تنهنجي وجود واري وڻ تي تمام گهٽين پکين اچي آکيرا ٺاهيا آهن ۽ پکين جي گهٽي ويهڻ ڪري انهيءَ وڻ جا پن پکين جي ونڻين سان پرجي زبون ٿي سڙي سکي ويا آهن.توکي کپي تہ 'لااله الاالله' جي ذڪر وارو شهباز وڻ تي ويهاري ڇڏ تہ انهن پکين مان ڪن کي ماري ڇڏي تہ ٻين کي تڙي ڪڍي .پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اسان جي دل ۾ هي خيال ٿو اچي تہ جيڪڏهن وڻ سلامت رهندو تہ پوءِ توڙي شهباز ڪن کي ماريندو ۽ ڪن کي تڙي ڇڏيندو تہ بہ ضرور اهو وڻ پکين جي ويهڻ کان خالي نہ رهندو .تنهن ڪري کپي تہ اصلي انهيءَ وڻ کي ئي پاڙان پٽي ڪٽي اڇلائجي تہ انهن پکين جي ويهڻ بلڪل آزاد ٿي وڃبو.

ز خودی رستی ہمہ حق گشتہ
رفت ظلمت نور مطلق گشتہ

يعني:جيڪڏهن پنهنجي خودي کان ڇٽي پوين تہ پوءِ ذات پاڪ ۾ محو ٿي ويندين ۽ اونداهي صفا هلي ويندي ۽ نور مطلق ٻڌجي ويندين.

نقل9: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ ڪنهن شخص جي ماءُ بدڪار هوندي هئي،جنهن جي ڪري لفنگ ۽ لچا ماڻهو رات ڏينهن سندس گهر ۾ پيا ايندا ويندا هئا. هو ويچارو ان کان ڏاڍو ڪڪ ٿي پيو ۽ ان بابت هڪڙي صاحب ڪمال کان وڃي صلاح پڇيائين تہ منهنجي ماءُ مونکي ڪعبہ جي بجاءِ آهي پر سندس سندس افعال ڏاڍا خراب ۽ بچڙا آهن ۽ سندس انهن برن ڪمن ڪري مونکي حد کان زياده خواري ۽ شرمندگي ٿي ٿئي ۽ دل ڏاڍي پريشان آهي. تنهن ڪري دل ۾ ٿو اچيم تہ جيڪو ماڻهو خراب نيت سان وٽس اچي تنهن کي ڪهندو ماريندو وڃان. بزرگ جواب ڏنس تہ اهڙي طرح تون ڪيترن کي ڪهندين هڪڙو ماريندين تہ وري پيو پيو ايندو،ائين تنهجو اهو بچڙو سلسلو ڪٽندو ئي ڪو نہ ،تنهن ڪري چگو اٿئي تہ پنهنجي ماءُ کي ڪهي ڇڏ تہ ٻين گهٽن خونن ڪرڻ کان بچي پوين.

اي عزيز! سندن فرمودي مبارڪ مان مراد آهي هستي موهوم ۽ لفنگ لوفرن مان مراد آهي فاسد خيال ۽ لفنگائي سڏون. پوءِ جيستائين انهي هستي موهوم واري فاسقہ جو سر سلامت هوندو تيستائين انهيءَ نفساني خيالات واري فاسقہ جي لفنگ کان جند نہ ڇٽندي تنهن ڪري کپي تہ هستي موهوم واري بدڪار جو سر جدا ڪري ڇڏجي تہ خيالات وارا فاسق پاڻهي گم ٿي ويندا .

نفس خود را کش تو دل را زندہ کن
خواجہ را کشت ست اور را بندہ کن

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يعني: تنهنجي نفس پنهنجي سڏن سان تنهنجي دل کي ماري وڌو آهي .سو تون انهي دل واري سردار جي خون بدلي ۾ انهي پليت بدڪار نفس کي قيد ڪري وجھ ته دل تنهنجي پاٽهي جيئري ٿي پوندي.

نقل10:جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته خليفو ميان الهرڪيو رحمۃ اللہ علیہ هيڪر حالت جي وقت ۾ هي لفظ چوندو رهيو ته 'اسان سر ڏينداسون باقي غير محرم کي گهر ۾ اچڻ نہ ڏينداسون 'اهي لفظ وڏي جوش خروش سان موٽائي موٽائي پئي چيائين. پاڻ حاضر جماعت کي فرمايائون ته اي يارو! خليفي صاحب جي انهي ڪلام جو مطلب سمجهو ٿا ته ڪهڙو آهي؟ فقيرن مان ڪنهن ب جواب نہ ڏنو. تڏهن پاڻ فرمايائون ته گهر مان مراد آهي دل ۽ غير جا خيال آهن غير محرم. پوءِ سالڪ کي ڪپي ته ڪيترين ب تڪليفون يا اهنجايون سندس وجود تي اچن ته اهي سهي وڃي ،مگر غير جو خيال پنهنجي دل ۾ اچڻ نہ ڇڏي.سچ چيو اٿن ته:

هر خيال غير حق را دُزد دان
اين رياضتِ سالكان را فرض دان

يعني: خدا تعاليٰ کانسواءِ بِن خيالن کي اندر جا چور ڪري سمجھ،جو اندر جي جمعيت ۽ فيض جو سامان چورائي ڪٽي ٿا وڃن.تنهن ڪري انهن چورن جي تڙڻ جي محنت سالڪن لاءِ فرض ڪري سمجھ.

نقل11: هيڪر پاڻ فرمايائون ته طالبن جا ب قسم آهن ،هڪڙا اهڙا آهن جو هڪڙو قطرو پيئندا ته يڪدم جوش خروش ۽ وجد ۾ سرگردان پريشان ٿي ويندا ۽ پيا وري اهڙا آهن جو درياءَ پي ويندا مگر هوش کان بي هوش نہ ٿيندا ،بلڪ ايا 'العطش'، 'العطش' جا نعرا پيا هڻندا.يعني اڄ، اڄ جون دانهون ۽ واڪا پيا ڪندا.پوءِ پاڻ فرمايائون ته :

آں كه بر ميكشند از قطره مدهوش اند
وآں كه در ميكشند درياءِ نوش اند

يعني:جيڪي اندر جي آهه ب٘اهر ٿا ڪڍن ۽ صبر نہ ٿا ڪري سگهن سي هڪ قطري سان بيهوش ٿي ويندڙ آهن .پر جيڪي چپ چپات اندر جا اسرار اندر ۾ پايون ٿا وتن سي درياءَ پياڪ آهن.

12 نقل:هيڪر پاڻ حضرت ميان صاحب رضی اللہ عنہ جن کان نقل فرمايائون ته حضرت مخدوم صاحب رضی اللہ عنہ جن جي حضور ۾ سياري جي مند ۾ پناڻ ايندا هئا ۽ پورا چار مهينا اتي ٽڪي رات ڏينهن هڪ جهڙو سجاڳي ۾ گذاري ۽ پوستين پنهنجن منهن تي ڏئي نفي اثبات جو شغل خواهه ٻين شغلن جو تڪرار ڪندا رهندا هئا ۽ انهن چئن مهينن ۾ پوري طرح فيض حاصل ڪري موڪلائي هليا ويندا هئا.

نقل13:جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ مون کي پيشين جي وقت امامن شهيدن سڳورن جي

ڪمالیتن واري شغل ۾ مشغول فرمایائون، مون ان کي تڪرار ڪرڻ شروع ڪيو ،ٽيپهري جي وقت ڪيفيت منهن ڏنو ، جنهن کي سندن حضور مبارڪ ۾ عرض رکيم! پاڻ فرمایائون تہ اهڙي طرح ناهي، عرض ڪيم تہ حضرتا! ادب جي ڪري زبان سان تہ پنهنجي سمجهہ جو انڪار ڪندس ،پر منهنجي دل ڏڻل ڪيفيت تي محڪم بيني آهي، پاڻ ٿڏو ساهہ ڪٽي فرمایائون تہ جڏهن دل لطيف ٽيندي آهي تڏهن جنهن بہ ڳالهہ ۾ ڪٽي منهن ڏيس تہ شهباز وانگر سپ ڪنهن مقصود وارو شڪار ڪري وجهندي يعني جيڪو بہ شغل ڏبس تہ يڪدم ان کي هٿ ڪري وجهندي.

نقل14: هيڪر پاڻ فرمایائون تہ شڪارپور ۾هڪڙو هندو هو،جنهن ڪو ڏوهہ جو ڪم ڪيو هو ۽ مسلمان نہ پئي ٽيو ، پوءِ اتان جي عالمن ان لاءِ موت ۽ سخت ايذاءُ پهچائڻ جو تعزير مقرر ڪيائون. گوٺ جا ڪلئي سادات ، علماءَ ۽ ڪتابي وغيره ۾ي عام خلق اچي گڏ ٿي، انهيءَ هندو کي قسمين قسمين عذاب ۽ ايذاءَ ڏيئي چوڻ لڳاتہ جيڪڏهن ڪلمو شهادت جو پڙهي مسلمان ٿي پوين تہ توکي موت کان امن ڏيئي ڇڏيون،جي نہ تہ اهڙن ئي ايذائن سان ماريو ويندين، هو هندو چوڻ لڳو: 'ٽويواٿي جو ڪاڏو نہ ڪاڏو' يعني تہ موت جي ڪا پرواهہ ناهي نيٺ اهڙي طرح وڏن دردن ۽ ايذائن سان مارجي ويو،مگر ڪفر تي اهڙي همت قائم رکيائين جو مسلماني هرگز قبول نہ ڪيائين.پوءِ پاڻ فرمایائون تہ طالب کي اهڙي همت ڪرڻ کپي جهڙي انهي هندوکي هئي .هن ڪفر تي پنهنجي جان قربان ڪئي ۽ طالب کي حقيقي محبوب لاءِ پنهنجي جند جان قربان ڪرڻ کپي ڪنهن شاعر ڏاڍو عمدو چيو آهي:

در طريق عشق بازی کم ز هندو زن مباش
کز برائے مرده سوزد زنده جان خويش را

يعني : اي عاشق ! عشق بازي جي رستي ۾ هندو عورت کان گهٽ همت نہ ٿج جو هندو عورت ايڏي تہ همت ڪندي آهي جو پنهنجي مئل مڙس لاءِ پاڻ کي جيئرو ئي باهہ ۾ جلائي ڇڏيندي آهي.

نقل15: هيڪر پاڻ نقل فرمایائون تہ هڪڙي مسجد مهمان ڪش مشهور هوندي هئي، يعني تہ جيڪو بہ ماڻهو ان مسجد ۾ اچي ٽڪندو هو سو صبح جو اتي مئو پيو هوندو هو،پوءِ هڪڙو شخص جو پنهنجي حياتي کان بيزار ۽ موت جو سڪايل هو،سو اچي انهيءَ مسجد ۾ اچي ويهي رهيو تہ هن ڪني حياتي کان مري جند آزاد ڪيان ،جيتوٽيڪ ماڻهن کيس گهٽو چيو آکيو ۽ اتي ٽڪڻ کان منع ڪيائونس تہ هي مسجد مهمان ڪش آهي ان ۾ نہ ٽڪ. پر هن ڪين مڃيو ۽ چيائين تہ آئون پاڻ موت جو طالب آهيان، جڏهن رات ٿي تڏهن اوچتي ئي غيب مان هڪ اهڙي خوفناڪ هڪل پهتي جو ٻڌندڙ جو پتو ٻڌڻ سان پاڻي ٿي پيو ٿي ۽ ڪنهن کي بہ اهڙي پوائتي هڪل جي ٻڌڻ جي طاقت نہ هئي، هڪل ڏيندڙ وڏي زور سان گجگوڙ ڪري هيانوَ ڏارينڏڙ آواز سان چيس تہ خبردار ٿجانءِ پر هي شخص تہ حياتي تان آسرو لاهيون اڇيئي موت لاءِ تيار ٿيو وينو هو،سو وڏي شوق مان چوڻ لڳو تہ:

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بيا بيا كه مرا آرزوئے تست آخر
نشاط من بہ تماشائے روءِ تست آخر

يعني: هليو اچ، هليو اچ . چو تہ مون کي تنهنجي ئي منهن جي تہ سڪ آهي،سو تنهنجي منهن ڏسڻ سان ئي مونکي خوشي حاصل ٿيندي.

ايتري ۾ وري پيو دهشتناڪ آواز جو پهريان کان بہ زياده جگر ڏارينڏڙ مٿان پهتو تہ اي فلاڻا! خبردار ٿج ! هن جواب ڏنو مرحبا! پلي ڪري آئين آئون تہ دل جان سان تنهنجي وات وينو نهاريان، وري ٽئين پيري بہ ساڳئي طرح هڪل ٿي ۽ هن جواب بہ ساڳي طرح ڏنو،چوٽين پيري مسجد جي ڇت هڪڙي ڪنڊ کان ڦاٽي پيئي ۽ ان مان سون ۽ چاندي جو وڏو خزانو مسجد ۾ اچي ڪريو ۽ اهو ان شخص کٽي هٿ ڪيو.

پاڻ انهيءَ هنڌ تي عجيب نڪتو بيان فرمايائون تہ ڏسو تہ جڏهن اهو شخص ظاهري موت جو طالب هو ۽ جيئڻ جو آسرو لاهي انهيءَ مهمان ڪش مسجد ۾ اچي وينو تہ ظاهري خزانو هٿ لڳي ويس، پر جيڪي معنوي موت جا طالب ٿيندا آهن. جنهن لاءِ حديث شريف ۾ اشارو آيل آهي تہ:

”مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا“

يعني :مرڻ کان اڳ جيئري ئي پاڻ کي ماري مٽي ڪيو.

پوءِ اهڙن موت جي طالبن کي جيڪي پنهنجو پاڻ خدا تعاليٰ جي رستي ۾ قربان ڪرڻ لاءِ لاءِ هم تن تيار هوندا آهن، هڪڙو عجيب خزانو هٿ لڳندو،جو انهيءَ خزاني جي ڪاڻ ڏانهن هن قدسي حديث شريف ۾ اشارو فرمايل آهي:

كُنْتُ كَنْزًا مَّخْفِيًّا

يعني: الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو تہ آئون هڪڙي ڳجهي ڪاڻ هوس،جو پوءِ مظاهرن جي آئينن ۾ تجلي ڪرڻ لاءِ خيال ٿيم.

نقل16:صاحبزادا والاتبار ميان محمد شاه ﷺ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ مخدوم لعل شهباز ﷺ جي فقيرن مان هڪڙو لانگوٽ بند فقير ڪنهن هنڌان چوري ڪري ڀڄي اچي کهڙن جي ڳوٺ ۾ نڪتو،اتي بزرزگن مشائخن وارو ويس ڪري پاڻ کي هڪڙي سادات جي نالي سان مشهور ڪري تلقين شروع ڪري ڏنائين .ڪيترائي ماڻهو سندس مريد ٿي پيا، ڪنهن وقت ڪانپوءِ ڪيس اسان جي مريد ٿيڻ لاءِ دل ۾ خيال اچي وينو ،پوءِ پنهجي سيني تابعن مريدن ۽ معتقدن کي چيائين تہ جيڪڏهن اوهين منهنجا مريد ۽ معتقد آهيو تہ اوهان تي لازم آهي تہ مڙيئي حضرت مرشد مربي جا تابع ۽ مريد هلي ٿيو،پوءِ هو اسان کي دعوت ڪري کهڙن ۾ وڃي ويو ۽ پنهنجن سيني تابعن ۽ متعلقن کي اسان سان دست بيعت ڪرايائين مگر هڪڙي عورت جو ان کي ويساه ۽ محبت ۽ رابطو ساڻس

ڪمال درجي جو هو تنهن انڪار ڪيو. جيتوٽيڪ ان فقير ڪيس تمام گهٽو تاڪيد ڪيو. مگر هن جواب ڏنو ته آئون تنهنجي مريدياڻي آهيان. پي سان منهنجو ڪو به ڪم ڪونهي. اتفاقا انهيءَ چورايل مال جا مالڪ اتي اچي نڪتا ۽ ان فقير کي وٺ پڪڙ ٿي ويئي. انهي اها ڳالهه ظاهر ڪئي ته هي شخص نڳ ، لچ ،دغاباز، چور ۽ بدمعاش ماڻهو آهي، جو چوريون ڪري وري هتڙي اچي بزرگن جا ويس ڪري پاڻ کي سيد سڏرائي ماڻهن کي نڳيءَ سان وتي ٿو ڦريندو. سو اسان ڪيس هينئر سخت تعزير ڏينداسون. ڳوٺ جا ماڻهو اها ڳالهه ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويا ۽ انهي واقعي ڪري سندس جيڪي مريد ۽ تابعدار هئا سي سڀ بي ويساهه ۽ بد دل ٿي پيا.مگر اها عورت اڳين دستور موجب پوري ويساه سان پنهنجي عقيدي تي ثابت محڪم رهي.صاحبزادو سڳورو ٿو چوي ته پوءِ پاڻ جيتري چوري پاڳين جي ٿي هئي اوترو مال کين پاڻان ڏيئي ان فقير کي تعزير ۽ چڪ ڇڏيڙ کان آزاد ڪريائون.۽ فرمايائون ته اوهان تعزير ڪيس ان ڪري پي ڏنو جو هو اسان سيدن جي نسبت ۾ داخل ٿي پيو هو.سو اهو حق اسان جو آهي، توهان جو ان ۾ دخل ڪرڻ جو حق ڪونهي.اسان جي مرضي اسان ونون يا ڇڏيون پوءِ پاڻ جڏهن درگاهه مبارڪ تي آيا تڏهن فرمايائون ته اڄ هڪڙو سچو مريد ڏسي آيا آهيون. پوءِ انهي سچار عورت جي سموري حقيقت بيان ڪري ٻڌايائون.

نقل17: هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ پنگرئي جي ديهه کان سوار ٿيا محراب چانڊيو جي ڳوٺ ڏانهن مريدن جي دعوت ونڻ لاءِ پي آيا، پوءِ واٽ تي ڪن ميربحرن کي ڏٺائون ته مڇي مارڻ لاءِ هڪڙي واهه کي بند ڪري ان مان واهي هڪڙي هيٺ کوٽي ويا هئا.مڇي هينئن پاڻي کان چڙهي ان واهي مان ٽيندي مٽي پاڻي ڏانهن هلندي اچي پي ڇار ۾ ڦاٽي ۽ اتان وري هڪڙي ڪڏ ۾ جو ان جي پرسان کوٽي ڇڏي هئائون گڏ ٽيندي پي وئي. پاڻ انهي مڇي جي تماشي ڏسڻ لاءِ گهوڙي تان هيٺ لهي گهڙي ڪن پاڻي جي پڪ تي ويهي انهيءَ مڇي جو خيال ڪرڻ لڳا ، پوءِ حاضر جماعت کي فرمايائون ته اي يارو! ڏسو ته هن مڇي کي هينئن پاڻي ۾ موت جو ڪو به خطرو ڪونهي۽ مٿين پاسي ڏانهن موت جو موجود وينو آهي، پر پاڻي جي ڪشش پاران موت کي دل تان وساري مٽي هليون ٽيون وجن ۽ موت جو به ٻوڙ نٿيون ڪن.

نقل18 :هيڪر پاڻ فرمايائون ته ڪيترا اهڙا بزرگ هئا جي ايا ڪمالیت جي پوري درجي کي پهتا ئي نه هئا ته سندن مرشد جي درگاهه مان کين خلافت جو چٽ عطا ڪيو ويو. پوءِ پنهنجن طالبن جي بلند همتي ۽ سندن محبت جي پاران انهن خليفن جي ڪمالیت ۾ جيڪا گهٽتائي هئي سا زائل ٿي ويئي ۽ ڪمال درجي کي پهچي ويا. جيئن ته حضرت يعقوب چرخي قدس سره به اهڙي طرح ڪمالیت جي درجي کي پهچڻ کان اڳ پنهنجي مرشد حضرت خواجه بهاءُ الحق والدين نقشبند قدس سره جي جناب مستطاب مان تلقين جي اجازت سان سرفراز ٿي ويا،پوءِ خواجه علاءُ الدين عطار ۽ پين بلند همت طالبن جي صحبت سان ڪمالیت جي درجي کي پهچي ويا ۽ ناصرالدين خواجه عبيدالله احرار قدس سره به سندن مريدن مان آهي.

نقل19:هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙو بزرگ ڪيترن فقيرن جي جماعت سميت هڪڙي خلاصي جاءِ ۾ خدا تعاليٰ جي يادگيري ۾ مشغول رهندو هو.جو اتي کين کائڻ پيئڻ ۽ لباس ڏيڻ جي خيالن جي ڪابہ پريشاني ڪانہ هئي .هڪڙي ڏينهن ڪنهن هڪڙو ڊگڙ مانيءَ جو ڪٽي ڪپڙي ۾ ويڙهي آڻي ان بزرگ کي ڏنو ۽بزرگ اهو ڊگڙ قياس ڪري پنهنجي پرسان ويٺل فقير کي ڪٽي ڏنو، ان وري ٻي کي ڏنو اهڙي طرح اها ماني ڦرندي وري بہ ساڳي بزرگ جي هٿ ۾ آئي. بزرگ پنهنجي هم صحبتين جي انهيءَ قناعت ۽ بخشيس کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اهڙو تہ متن توجہ ڪيائين جو انهي دم سيئي اڏاڻا هليا ويا،مگرهڪڙي کي سو انهن مان وڻي پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيائين:

همت بلند باید عشق مست را
مرد خسیس همت در عاشقان نگنجد

يعني : مست عاشقن کي پنهنجي همت بلند رکڻ کپي ڇو تہ گهٽ همت وارو ماڻهو عاشقن جي صف ۾ جاءِ نہ وڻي سگهندو.

نقل20: هيڪر پاڻ بيان فرمايائون تہ هڪڙو چور شخص حج جي ارادي سان ڳوڻان روانو ٿيو ،واٽ تي هڪڙي ڏوريءَ وٽان ڏنائين تہ ڊگو هڪڙو ڏاڍو متارو بينو چري ڏاند کي ڏسي چوڻ لڳو:

ڊگو ڏوريءَ ۾ چري، مُکو مون پرياڻ،
جي رسو هوءِ ساڻ تہ حج هتيئي ٿئي

اي عزيز! رسي مان مقصود آهي ارادو ۽ ويساه ۽ ڏوريءَ جو مطلب آهي ظاهري وجود ۽ ڏاند مان مراد آهي مطلوب حقيقي . يعني تہ حقيقي مطلب هتي ئي موجود آهي،پر شرط آهي تہ ويساه وارو رسو طالب کي ساڻ هجي پوءِ حج ۽ مڪو شريف ڪل هتي حاصل ٿي سگهن ٿا.

نقل21 :هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ ڪنهن شخص کي هميشہ عادت هوندي هئي تہ بازار جون ڳليون ڪِن ڪچري کان روزمره ڀهاري صاف ڪري ڇڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن بادشاهہ اچي اتان لنگهيو ۽ سندس حال ڏسي ڪيس رحم آيو .هڪڙو اٺ ملهو موتي سندس اڳيان گهٽيءَ ۾ ڇڏيو هليو ويو، وري بہ ٽي ڏينهن گذاري بادشاهہ ٻيهر اتان اچي لانگهائو ٿيو .ساڳي شخص کان پڇيس تہ توکي هتان ڪجهہ هٿ آيو هو يا نہ؟ چيائين تہ هائو،مون کي هڪڙو موتي هٿ آيو آهي، بادشاهہ چيس تہ پوءِ جڏهن توکي موتي هٿ اچي ويو آهي جنهن جو کو ملهہ ئي کو نہ ڏئي سگهندو تہ پوءِ بہ هي گهٽين ڀهارڻ جي تڪليف روز بروز پيو ڪرين ڇو لاءِ؟ هن جواب ڏنو تہ اي بادشاهہ! جنهن ڪم مان اهڙا بي بها موتي پيا ملن اهڙي ڪم کان منهن مٽڻ وڏي ڪم همتي ۽ بي نصيبي جو سبب آهي.

اي عزيز ! مقصود هي آهي تہ طالب کي پنهنجي مولا سائين جي طلب ۾ هميشہ ڪوشش ڪار رهڻ گهرجي ۽ پنهنجي همت کي لهڻ يا نہ لهڻ ، پنهي حالتن کان مٿي رکي .يعني مقصود نہ لهي تہ بہ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سعيو ڪري نه ڪري ۽ همت نه هاري پر جي مقصود حاصل ٿي ته به اها ڪوشش نه ڇڏي.

نقل22: هيڪر پاڻ فرمايائون ته هڪڙي ڏينهن حضرت ميان صاحب قدس سره جن جي خدمت ۾ هڪڙو شخص مٿي ۽ پيرين اگهاڙو حاضر ٿيو ۽ گهڙي ڪن صحبت ۾ ويهي وري اتان اٿيو. حضرت ميان صاحب قدس سره جن پنهنجي دستار مبارڪ ڪيس امداد فرمايائون پر ان قبول نه ڪئي چيائين ته آئون مظلوم آهيان .جڏهن منهنجي داد رسي ٿيندي تڏهن دستار به ونندس ۽ پائيندس. پاڻ فرمايائون ته توکي ڪنهن ستايو ۽ ظلم ڪيو آهي. عرض ڪيائين ته حضرتا! هڪڙي مسجد هئي تنهن کي ڊاهي شهيد ڪري اتي ڪافرن جي مڙهي اڏائي وئي آهي.جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهيءَ هنڌ وري مسجد ٺهرائي ڏيندو ته اهو مون کي حق رسائي ڇڏيندو.پوءِ اهڙي ئي حالت ۾ هليو ويو.

نقل23: هيڪر پاڻ نقل پي فرمايائون ته هڪڙي ڏينهن شيخ شبلي قدس سره کنهن رستي کان لنگهيا پي آيا ڏٺائون ته هڪڙو سفيد ريش مڙس ڦاهي تي ٽنگيو بيٺو آهي، ان حال ڏسڻ شرط شيخ شبلي پنهنجي مٿي مبارڪ تان دستار مبارڪ لاهي ان شخص ٽنگيل جي ڏاڙهي ۽ هٿن پيرن تي وڃي چميون ڏنائون ۽ پوءِ وري ساڳيو اڳئين حال موجب دستار مٿي تي رکي جماعت سميت اڳتي روانا ٿيا، مريد ويچارا هي ڳالهه ڏسي حيران ٿي ويا، نيٺ هڪڙي شخص عرض ڪيو حضرتا! هن ڪاروائي بابت مهرباني فرمائي سمجهايو ته ڪهڙو سبب آهي جو توهان ان پريئي مڙس ڦاهي ڏنل جي ايتري تعظيم ۽ تڪريم ڪئي آهي. فرمايائون ته ادا! انهي مڙس جي همت کي هزار شابسون هجن جو جنهن به ڪم ۾ پير رکيو اٿس ته وري پوئتي نه هٽايو اٿس. ۽ پيريءَ تائين ان کي نيائيندو آيو تان ته سر پنهنجو به انهي ڪم ۾ قربان ڪري ڇڏيائين:

سر بر قدم يار فدا شد، چه بجاشد
ايں بار گراں بود ادا شد چه بجاشد

يعني: دوست جي قدم تي سر قربان ٿي ويو ، پر ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي ،هي ته پاڻ وڏو بار هو جو ادا ڪيو ويو.

مگر دوستي جو دم اجان به ڪي اڳيرو آهي.

24 نقل: خليفو اميد علي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ نقل پي فرمايائون ته ڪنهن هنڌ هڪڙي ڌڳن جي جماعت هوندي هئي، تن کي ڪن وقتن ۾ ڌڳي جي وجهه نه ملڻ ڪري البت گذران جي تنگي ٿي پيئي، پوءِ پاڻ ۾ ويهي ڳڻ ڪيائون ته جيڪر اهل الله فقيرن جي لباس ۾ ڪا ڌڳي ۽ مڪر ڪجي، جنهن سان ماڻهن جي رجوعات ۽ نذرانن جي وسيلي کو فتوحات جو دروازو کلي پوي ته گذران ۾ آسودگي ٿي پوي، نيٺ هيئن ڪيائون جو پاڻ مان هڪڙي کي وڏو درويش ٻڌائي متشبه بزرگن واري شڪل سان ڪري هڪڙي مسجد ۾ ويهاري ڇڏيائون ۽ ٻيا سيئي جدا جدا طرح مڪر ڪري پاڻ کي بيمار ڪري ان فقير وٽ بيماري جي شفاءَ لاءِ التجا ڪٽي پي آيا۽ ڪي ڌڳ وري ٻيا کي ڪم ۽ احتياج

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سندس آڏو پيش ڪري دعا جا طالب پئي ٿيا وري ٿوري دير ۾ ظاهر پي ڪيائون ته اسان جو ڪم هن فقير جي دعا جي برڪت سان يڪدم پورو ٿي ويو . اهڙي طرح ڪيس مشهور ڪندي ڪندي اهڙي هنڌ تي آندائون جو ان فقير جي ڪرامتن ۽ عجب جهڙين ڳالهين جي هاڪ پري پري پهچڻ لڳي ۽ ولايت ولايت جا ماڻهو ڏانهنس رجوع ڪرڻ لڳا ۽ نذر نياز ۽ جهجهو ئي ملڻ لڳن. اتفاقاً هڪڙو سچو طالب خدا جو جنهن جي اندر ۾ طلب جو جذبو ڪمال درجي تي پهتل هو، سو ۽ فقير جي تعريف توصيف ٻڌي اچي هنن نڱن جي ڳاهي ۾ ڳاڻو، يعني ته ان فقير جو مريد ٿي پيو، پر خدا تعاليٰ جي مهرباني ۽ پنهنجي طلب جي سچائي ۽ بلند همتي ڪري ڪيس ترقي ٿيندي ويئي تان ته فضل الٰهي سان وڃي مقصود کي پهتو. پوءِ جو باطني علم سان نهاري ڏٺائين ته سندس مرشد نڱن جو پريو مڙس آهي ،تڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاه بلند پائگاه ۾ التجا ڪيائين ته اي ڪريم! تنهنجو ڪرم بلڪل ڪشادو ۽ تنهنجو لطف ۽ احسان سڀ ڪنهن سان جاري آهي،جيئن هن جدا پيل مسڪين کي خاص پنهنجي مهرباني ۽ لطف سان بنا ڪنهن وسيلي ۽ واهر جي پنهنجي وصال سان محفوظ فرمايو اٿي، اهڙي طرح منهنجي مرشد کي ۽ محروم ۽ بي نصيب نه ڇڏ،بلڪ ڪيس مهرباني جي نظر سان نواز. پوءِ الله تبارڪ وتعاليٰ ان نڱ ڇٽيل کي ۽ انهي سچي طالب جي دعا جي برڪت سان وڏي عزت تي پهچائي ڇڏيو.

اي عزيز! طالب جي طلب جي سچائي ۽ بلند همتي کي ايڏي طاقت آهي جو نه رڳو ان طالب کي مقصود تائين پهچائي ڇڏي ٿي، بلڪ سندس طلب جي سچائي مرشد تباه حال ۽ مڪريل کي ۽ وڏي درجي تي چاڙهي ڇڏي ٿي:

همت بلند باید عشق مست را
مرد خسیس همت در عاشقان نگنجد

يعني : مست عاشقن کي پنهنجي همت بلند رکڻ کپي جو ته گهٽ همت وارو ماڻهو عاشقن جي صف ۾ جاءِ نه ونڻي سگهندو.

نقل25: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته جڏهن حضرت ابراهيم خليل الله عليٰ نبينا وعليه السلام کي نمرود وارن آڳاه ۾ اڇلايو، تڏهن ملائڪن جي جماعت ۾ شور ۽ غوغا پئجي ويو ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاه اقدس ۾ التجا ڪيائون ته يا رب العٰلمين! ساري زمين ۾ اهو هڪڙو ئي تنهنجو پانهو آهي جيڪو خاص توکي سجدو ڪري ٿو اڄ انهيءَ کي ۽ ڪافر باه جي آڳاه ۾ ٽا اڇلائن. الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاه مان ملائڪن کي حڪم پهتو ته توهين وڃي حضرت ابراهيم عليه السلام کي چئو ته جيڪڏهن توکي اتان ڇٽڻ جو خيال هجي ڪافرن جي هٿان ڇڏائي ڇڏيونس .تڏهن حضرت جبرائيل عليه السلام هيٺ لهي آيو ۽ جنهن پينگهي ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام کي وجهي پي اڇلايائون تنهن جي رسي کي ونڻي حضرت خليل کي چيائين ته " جيڪڏهن تون

حڪم ڪرين تہ هي سموري باھ هتان ڪٽائي وڃي ڪوھ قاف ۾ اڇلايان ۽ ھڪ ذري جيتري چٽنگ بہ زمين تي ھت ڪانہ ڇڏيون“حضرت خليل سڳوري فرمايس تہ اي جبرائيل! اھا مهرباني جا تون مون سان ڪرين ٿو سا پنهنجي پاران ٿو ڪرين يا الله تبارڪ وتعاليٰ جي امر سان ڪرين ٿو. حضرت جبرائيل چيو تہ آئون پنهنجي طرفان ٿو ڪيان .تڏهن حضرت خليل فرمايو تہ الله سبحانہ وتعاليٰ بصير ۽ منهنجي حال کان پوري طرح واقف آهي. جيڪڏهن منهنجي ڇڏائڻ جي مرضي هوندس تہ پاڻهي آزاد ڪرائي ڇڏيندو ، پي جي همدردي جي مون کي ضرورت ڪانہ آهي.حضرت جبرائيل عليہ السلام چيس تہ پلا جيڪڏهن ائين نہ ٿو ڪرين يعني منهنجي مدد ونڻ کان نابري ٿو وارين تہ الله تعاليٰ کان دعا گهر تہ توهان جي حال تي ٻاجھ فرمائي. تڏهن حضرت خليل موٽي جواب ڏنو اهو ڪريم رحيم تہ عليم آهي،جنهن کي سموري حال جي واقفيت آهي، ان کان باقي پي دعا کهڙي گهران.

شاھ عبداللطيف قدس سره ان هنڌ فرمايو آهي تہ:

ٻڌندي هٿ ملاءِ پريان سندي ترهي،
متان چون ئي سپاھ اسان تو اُڪاريو.

پوءِ نمرود وارن حضرت خليل الله کي پينگهي ۾ وجهي باھ ڏانهن اڇلائي سندس رسا ڪٽي وڌيائون. مگر هو سورهيہ پڇاڙي تائين الله تعاليٰ جي طرفان ڏنل تڪليف تي صبر ۾ رهيو ۽ سندس رضا تي راضي رهي ڪنهن کان بہ ڪو سوال نہ ڪيائين ۽ نہ وري جناب باري تعاليٰ جي ۾ دعا لاءِ هٿ کنيائين بلڪ سيئي ڪم سندس حوالي ڪري ان جي مرضي تي راضي رهيو ،پوءِ جڏهن پينگهو باھ ۾ گهڙيو تہ ايتري ۾ الله سبحانہ وتعاليٰ جي طرفان باھ کي امر پهتو تہ:

يَانَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّسَلٰمًا عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ (الانبياء : ٦٩)

يعني: اي باھ !ٽڏي ۽ سلامتي واري ٿي پؤ حضرت ابراهيم عليہ السلام تي.

پاڻ انهيءَ هنڌ فرمائيندا هئا تہ اي يارو! الله تبارڪ وتعاليٰ جي طالب کي بہ ايتري قدر همت ۽ معرفت رکڻ ضروري آهي.

نقل26:هيڪر پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪو ديندار شخص بي دينن جي جماعت ۾ رهي ڪري مولا سائين جي عبادت ۾ مشغول آهي ۽ الله تعاليٰ جي فرمودن تي محڪم ۽ جهليل ڪمن کان پاسي ٿي گذاري ٿو تہ سندس مثال اهڙي طرح آهي جيئن ڪنهن جنگ جي ميدان ۾ ٻنهي طرفن کان بہ صفون لڙائي ۾ مشغول هجن پوءِ هڪڙي طرف کان سموري صف شڪست کائي پڄي وڃي ،مگر هڪڙو ڇٽو سو مرد ميدان ٻٽيو اڪيلو ئي هيترن سارن دشمنن سان منهن ڏيو بيٺو هجي.

نقل27:الهداد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون درگاه مبارڪ تي سندن خدمت سڳوريءَ ۾ حاضر ٿيس ،پاڻ ملاقي ٿيڻ مهل فرمايائون تہ الحمدلله جو تون الله تبارڪ وتعاليٰ جي يادگيري جي

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

شغل ۾ مشغول آهين. تڏهن مون عرض ڪيو تہ حضرتا! هي مڙئي توهان جي شفقت ۽ مهرباني آهي نہ تہ هن محتاج ضعيف کي ڪهڙي طاقت آهي. پاڻ جواب ۾ لفظ فرمايائون :

'ڪتي وتي پاڻ کي، آتڻ سپ سهاءِ'

نقل28: فيروز فقير نظاماڻي نقل ڪري ٻڌو تہ هيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! هي بيت مثنوي شريف ۾ آيل آهي تنهن جو مطلب ڇاآهي؟

آن کہ شيران را کند روبہ مزاج
احتياج و احتياج و احتياج

يعني :جيڪا شينهن کي بہ لونڍ جهڙو ڪمزور ڪري ڇڏي،سا محتاجي آهي،محتاجيءِ محتاجي.

پاڻ فرمايائون تہ اهو بيت ڪيئن چيئي؟ مون وري بيت پڙهيو، پاڻ فرمايائون تہ جيڪي شينهن آهن سي لونڍ کو نہ ٿيندا .باقي جيڪي احتياج ڪري لونڍ ٿي ٿا پون،تن کي شينهن نہ سڏڻ گهرجي.

مثنوي شريف جو بيت اهڙي طرح نہ آهي بلڪ هيئن آهي:

شير نر را کے کند روبہ مزاج
احتياج و احتياج و احتياج

يعني: نر شينهن کي محتاجي لونڍ جهڙو ڪٽي ڪري سگهندي؟يعني تہ هرگز نہ ڪري سگهندي.

نقل29: خليفو ميان غازي خان تالپر نقل ڪري ٻوتہ هيڪر پاڻ خليفي ميان الهہ رکيي جي ڳالهہ ڪيائون تہ خليفو صاحب چوندو هو تہ اسان جي جيڪا بہ مال مڏي ملڪيت آهي، سا سڀ يارن جي ملڪيت آهي.باقي شرم،جي سر برابر آهن ، تن ۾ سندن حصو ڪونهي. يعني تہ دل ! جا شرمن جي مثال آهي اها خدا تعاليٰ ڪانسواءِ ٻي کي نہ ڏيندا سون،باقي ٻي مڙيئي ملڪيت حاضر آهي.

چون دل با دلبرے آرام گيرد
بہ وصل ديگراں کے کام گيرد

يعني: جڏهن دل محبوب سان اٽڪي ويئي تہ ان کي محبوب کانسواءِ ٻين جي ميلاپ مان ڪٽي فرحت پهچندي.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٻيون
سچن طالبن جي ڪشش بابت

نقل1:عبدالله فقير ميمڻ رهندڙ ڪورواھ جو نقل ڪري ٿو ته ھيڪر پاڻ محراب چانڊيو جي ڳوٺ مان ٿيا،ديھ سڪروين ڏانھن عالي فقير سھتي جي دعوت تي روانا ٿيا، جڏھن ٻارنھن ڪوھ ڪن پنڌ ڪري آيا ۽ ڏينھن ٻہ پھر ڪن مٿي چڙھيو ،گرمي منھن ڪڍيو، تڏھن وات تي عالي فقير جو ماٹھو آيو ۽ چيائين تہ عالي فقير دعوت موقوف رکي جھلرائي موڪليو آھي. پاڻ انھي خبر ٻڌڻ سان گرمي جي ڪري اتي ئي لھي پيا، اھي ڏينھن بارش جا ھئا،جنھن ڪري اتي ڏاڍو گاھ ڦٽي پيو ھو ۽ ڪيترائي ماٹھو مالوند مال چارڻ لاءِ آس پاس کان لڏي اچي اتي آباد ٿيا ھئا.پاڻ مونکان ڪاتي ونڊي پنھنجي ھٿ مبارڪ سان ڪرڙ جون ٽاريون ڪپي ان جي ھيٺان آرام جي جاءِ تيار ڪيائون ۽ جماعتي ٻہ جاءِ بجاءِ وٽن جي ھيٺان وڃي آرامي ٿيا.

ايا گھڙي کن گذري تہ ھڪڙي پوڙھي عورت اتي آئي ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! ھي مسڪين اوھان جي مريدياڻي آھي ، فلاڻي ھنڌ ذڪر پڇيو ھوم،منھنجي دل ڪيتري وقت کان اوھان جي زيارت لاءِ پتنگ ھئي ،پر ڪو سبب اھڙو ڪو نہ پيو ٿئي جو زيارت کان مشرف ٿي سگھان ۽ ڪو محرم ماٹھو مڙس ، پٽ يا پاڻ ٻہ ڪو نہ اٿم،جو ان سان گڏجي درگاھ مبارڪ تي اچي ديدار سان مشرف ٿيان، روز بروز جڏھن ذڪر کان واندي ٿيندي ھيس تڏھن جھولي جھلي رب العٰلمين کان دعا گھرندي ھيس ۽ عرض ڪندي ھيس تہ خداوند! پنھنجي ڪريمي جي صدقي حضرت مرشد ڪريم جي زيارت کان مون مسڪين کي ھتڙي مشرف ڪر.ان مائي ھڪڙي ڳئون دعوت جي لاءِ خدمت اقدس ۾آڻي حاضر ڪيائين، جنھن کي فقيرن ذبح ڪري رڌائون ۽ ھو عورت پنھنجي گھر وڃي ٻہ ٽي مانيون حضور جن لاءِ تيار ڪري ڪٽي آئي جو پاڻ کاڌائون.پوءِ فرمايائون تہ ھڪڙي ھن پوڙھي عورت جي دل سوَن ماٹھن ۽ گھوڙن کي ھن زمين ۾ قيرايو آھي . عالي فقير ڏانھن ڪو حرف ڪو نہ آھي.

نقل2: حافظ فقير، گھنگر جو رھاڪو نقل ڪري ٿو ته ھيڪر پاڻ ديھ ڪاتيار واقع پرڳٽي چاڪر ھالي ۾ سيد متاري شاھ ۽ مکڙ فقير پچاري جي دعوتن تي تشريف فرما ٿيا ھئا، اتي ھڪڙي پوڙھي ضعيف عورت لڻ تي ٽيڪ ڏيندي حضور مبارڪ ۾ آئي پاڻ ان وقت وضو وينو ساريائون ،ان پوڙھي دل ڏکايل مان تڏو ساھ ڀري عرض ڪيائين تہ حضرتا! منھنجي دل ۾ اوھان جي زيارت مبارڪ جي ڏاڍي اکير ھئي، پر درگاھ مبارڪ تي حاضر ٿيڻ جي طاقت ڪانہ پئي ساري سگھيم ۽ ھردم ڏٽي تعاليٰ جي درگاھ مان دعا گھرندي ھيس تہ خدايا! پنھنجي ڪرم ۽ لطف سان ھتڙي سندن زيارت ڪراءِ . الحمدلله جو ڏٽي تعاليٰ منھجي آس پوري ڪئي ۽ پنھنجي مھرباني سان زيارت نصيب فرمائي

اٿس. پاڻ ان عورت کان اها حقيقت پڌي سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سره جو نقل بيان فرمايائون ته هڪڙي رات حضرت قدس سره کنهن ڪم ڪار سان پنهنجي حجري کان ٻاهر نڪتا اها مند بارش جي هئي، جڏهن ڪم پورو ڪري موٽيا تڏهن رات جي اونداهي ڪري حجري وارو رستو هٿ نه آين، جنهن ڪري پي رستي سان هڪڙي سوداگر جي دڪان تي اچي نڪتا. دڪان مان هڪڙي شخص سڏ ڪري چيو ته اي چور! هليو وڃ. شيخ چيو ته آئون مسافر آهيان، چورنه .هن چيو ته نه تون چور آهين،هڪدم هليو وڃ. حضرت شيخ قدس سره مينهن ۽ سخت سردي ڪري جو ان رات حد کان زياده هئا، گهڙي کن اتي بيهي رهيا ته ايتري ۾ ان شخص دڪان مان نڪري شيخ صاحب کي مڪ هٽي دڪان کان هيٺ ڪيرائي وڌائين ۽ پوءِ پيرن مبارڪن مان وڻي گهلي ڪهڙ جي ڍير تي جو اتي ماٺهو پنهنجي گهرن ۽ دڪانن جو ٻوهر اچلائيندا هئا، وڃي اچلائي آيو. شيخ صاحب گهڙي کن ڪانپوءِ ڪن ڏيئي ٻڌو ته اتي ڪو ماٺهو دعا وينو گهري ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاهه ۾ وڏي عاجزيءَ سان وينو عرض ڪري ته خداوند! سلطان العافين بايزيد بسطامي قدس سره هٿڙي مون کي ڏيڪار! شيخ قدس سره اتان اٿي ان وٽ ويو ۽ وڃي چيائينس ته اي ادا! شيخ ته هن شهر ۾ رهندو آهي، پوءِ تون اتي وڃي ڇو نٿوکيس ڏسي اچين؟ چيائين ته پير کين اٿم،وري شيخ صاحب چيس ته پي کنهن کي سوال ڪر ته توکي ڪلهي تي کڻي وڃي توکي اتي زيارت ڪرائي اچي، چيائين ائين به ڪيو هوم،پر کنهن به سوال کو نه ميڇيو .اتي حضرت شيخ قدس سره فرمايس ته 'ادا! بايزيد آئون آهيان جيڪي ڏسڻو هجيئي سو ڏسي وڃ،نه ته ٻيهر وري مون کي پيرن کان وڻي گهلرائي هڻڙي خواري سان پاڻ وٽ نه آڻجانءِ'.

پوءِ فرمايائون ته اسان کي هن طرف اچڻ جو بالڪل ارادو ڪو نه هو ،پر تنهنجي دل جي ڪشش اسان کي هت وڻي آئي آهي،هينئر جيترو تنهنجي دل چوي اوترو اسان کي ڏسي وڃ.

نقل3: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته ابتدائي حالتن ۾ منهنجو قاعدو هو ته اڪثر ڪري سندن حضور مبارڪ ۾ روبرو وينو هوندو هوس ،پوءِ جڏهن محبت جي ڪشش دل جي مٿان غلبو ڪري ويندي هئي ته انهي مهل کين پاڪر کڻي پائيندو هوس ،پاڻ به ٻانهن مبارڪ مٿي کڻي مون کي پاڪر ۾ کڻي جهليندا هئا.

نقل4: محمد ذاڪر رهندڙ ٽنڈي قيصر نظاماڻي جو صاحبزادي والاتبار ميان محمد حسن شاهه قدس سره کان نقل ڪري ٿو ته اسان جا ناناڻ ديهه گهمرن ۾ رهندا هئا .پاڻ ڪڏهن ڪڏهن اوڏانهن ويندا هئا. اتان جا ماٺهو بالڪل گهٽا مريد ٿياءِ مٿن وجد ۽ حال جو ڏاڍو غلبو ٿيو، جيئن ته دنيا کي ترڪ ڪري پوڪ وغيره اسباب کان هٿ بند ڪري ڇڏيائون ۽ مولیٰ سائين جل شانه تي توڪل ڪري سندس يادگيريءَ ۾ مشغول ٿي ويا ،اتي هڪڙو ملا شخص هو جو انهي ديهه جي ماٺهن کان ٽڪيون وغيره اڳاڙيندو هو،جڏهن هنن ماٺهن کي توڪل ۽ ترڪ منهن ڏنو،تڏهن انهي طمعي ملا جا نفساني غرض پوري ٿيڻ کان روڪجي پيا، ڇو ته هو فقير پنهنجي حال جي بي پرواهي ۽ استغنا ڪري سندس خاطر مدارات

ڪرڻ کان لاچار هئا ۽ هي دلگير ٿي پيو ۽ آخرڪار ڪڪ ٿي اها دانهن پناڻن وٽ ڪٽي ويو، جو ديهه باگڙجي ۾ رهندا هئا ۽ گهمرن واري ديهه ۾ انهن پناڻن جي حڪم هيٺ هئي ، انهن پناڻن وٽ وڃي فرياديِ ٿيو ته هڪڙو پار درياءَ جو سادات هيڏانهن ٿو اچي ۽ ماڻهن کي مريد ٿو ڪري ،جنهن ڪري کين وجد ٿا پون، چريا ٿي پون ٿاءِ انهي چريائپ ڪري آبادي جي ڪم ڪار جي مالیات جو ۾ نقصان ٿئي ٿو ۽ اسان کي ۾ رسمي خير خيراتن کان صاف جواب ڏيئي ٿا ڇڏن. سو تنهن ڪري ڇگو آهي ته مٿين سيد کي پنهنجي تعلقي جي ديهن ۾ اچڻ نہ ڏيو. پناڻن چيس ته جڏهن اهو سيد گهمرن جي ديهن ۾ اچي ته پوءِ اسان کي ان بابت اطلاع ڪجانءَ پوءِ جڏهن پاڻ دعوت جي ارادي سان مٿين ديهه ۾ تشريف فرما ٿيا،تڏهن اهو مُلا اتان ڀڳو ۽ وڃي انهن پناڻن کي خبر ڏنائين .پوءِ اتان ۾ ٿي سوار گڏجي آيا،جتي پاڻ وينا هئا اتي بيهي چيائون ته اي سيد! هيڏانهن اچ ! پاڻ هنن سان گڏجي روانا ٿيا، مريدن عرض ڪيو ته حضرتا! اسين ۾ ساڻ هلون؟ پاڻ فرمايائون ته نہ اوهين اتي وينا هجو،پاڻ اڪيلائي انهن سان هليا ويا.پوءِ جڏهن پناڻن جي ديهه ۾ پهتا تڏهن اتي هڪڙي مسجد ڏٺائون پناڻن کي فرمايائون ته اسين مسجد شريف ۾ نفل پڙهنداسون ، هنن چيو ته پلي پڙهو پاڻ مسجد شريف ۾ لنگهي وڃي نفل پڙهيائون ۽ نفل ادا ڪرڻ بعد هٿ کڻي الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاهه مان دعا گهريائون. ان وقت هڪڙو انڌو شخص جو اتي مسجد اندر وينو هو، سو ۾ هٿ کڻي دعا گهرڻ لڳو ته اي خداوند ڪريم! ائين ڪر جو حضرت پير سائين جن سان هتي مسجد شريف ۾ ملاقي ٿيان، آئون ضعيف نابين شخص آهيان وڃڻ جي طاقت ۾ ڪانهي،سندس اها دعا حضور جن جي ڪن مبارڪ تي پهچي ويئي ۽ ٻڌڻ شرط پاڻ اندر مسجد شريف ۾ وڃي فرمايائون ته اي بزرگ! مون کي الله سبحانہ وتعاليٰ تنهنجي مريد ڪرڻ لاءِ ونِي هتي آندو آهي، پوءِ ڪيس تلقين فرمايائون ان وقت شهر جو حاڪم ۾ قرآن شريف ميڙ ڪٽي اچي حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! اسان کان خطا ٿي آهي،هن ڪلام رباني جي حرمت صدقي اسان کي معاف فرمايو! پاڻ فرمايائون ته مون کي اوهان کو نہ آندو آهي،بلڪ اڄ اهو ئي ساڳيو مثال ٿيو آهي،جيئن هڪڙي نانگ کي رسالت پناهه ﷺ جي ڏسڻ جو شوق پيدا ٿيو هو،پوءِ جڏهن پاڻ غارِ ثور ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، تڏهن اهو نانگ اتي زيارت لاءِ حاضر ٿيو، پر حضرت ابابڪر صديق رضي الله عنه ان غار ۾ جيڪي ۾ سوراخ هئا سي پنهنجي ڪپڙن کي ڦاڙي انهن ۾ ڏيئي ويهي رهيا ته متان کو نانگ نڪري حضور جن کي اهنج ايذاءَ پهچائي، ويچاري سڪايل نانگ سڀ ڪنهن سوراخ مان اچي مٿو پي هنيائين ته ٻاهر نڪري زيارت ڪيان، پر جاڏهن تاڏهن رستو بند ڏنائين تنهن ڪري نيٺ ٻي واهه نہ ڏسي حضرت ابابڪر صديق رضي الله عنه جي پير ۾ ڏنگ هنيائين ،پوءِ اهڙي دستور رستو جاري ڪري زيارت کان مشرف ٿيو، سو انهيءَ واقعي ونگر اوهان جي مسجد شريف ۾ هڪڙو معذور شخص وينو آهي ،جنهن کي هلڻ چلڻ جي سگهه ڪانهي، سو اسان ٻڏو ته خدا تعاليٰ جي درگاهه مان وڏي التجا سان اسان جي ملاقات لاءِ دعائون وينِي گهريائين،تنهن کي الله

تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي مقصود سان ملايو آهي، باقي اوهان جي بي ادبيءَ جو تہ رڳو بهانو ٿيو آهي.

نقل5: صادق فقير نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ تندي سائينداد تالپر جي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، پوءِ اتي سلطان فقير وٽ پنهنجي زبان مبارڪ سان ڳالهہ ڪيائون تہ هيڪر اسان کي درياءَ جي هن پاسي هڪڙي فقير جي دعوت تي ڪنهن ديهہ ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو هو، اتي هڪڙي شخص هڪ بزرگ جو پيغام اسان کي آڻي ڏنو ،جو اتان کوهہ ڪن جي مفاصلي تي لاڳيتي ديهہ ۾ رهندو هو، تہ مون کي اوهان کان کي پڇڻو آهي، تنهن ڪري اتان يڪدم روانا نہ ٿجو؟ بلڪ مهرباني ڪري يا تہ هيڏانهن قدم رنجہ فرمائجو يا تہ وري آئون پاڻ اچي حاضر خدمت ٿيندس ،پاڻ فرمايائون تہ بزرگ جي پيغام موجب گهٽو ئي سندس انتظار ڪيوسون پر گهٽي مدت گذري وئي تہ بہ هو ڪو نہ آيو، تنهن ڪري اسان جماعت سميت سندس ديهہ ڏانهن روانا ٿياسون.جڏهن ديهہ جي ويجهو پهتاسون تڏهن فقيرن جي جماعت کي ڇڏي تمام جلدي سان انهي ديهہ جي مسجد شريف ۾ لنگهي وياسون ، هڪڙو معذور شخص ڏٺوسون تہ ڏٺي تعاليٰ کان وينو دعا گهري ۽ هيئن پيو عرض ڪري تہ قادر ڪريم! هن ضعيف نحيف معذور بي حال تي ڪا ٻاجهہ جي نظر فرماءِ ،حضرت مرشد مربي سان هن مسجد ۾ مونکي ملاءِ تہ سندن زيارت کان مشرف ٿي تنهنجا شڪرانا ادا ڪيان. پاڻ فرمائن ٿا تہ حالانڪ آئون سندس پويان بينو هوس ،تڏهن مون کيس چيو تہ اي فقير! آئون حاضر آهيان هو ويچارو اسان جي ملاقات سان ڏاڍو خوش ۽ فرحتناڪ ٿيو ۽ تلقين ورتائين ان کان پوءِ فقيرن جي جماعت بہ اچي پهتي. هي ڳالهہ معلوم ٿي تہ اهو بزرگ عالم اسان جي اچڻ جي خبر ٻڌي پنهنجي ديهہ ڇڏي ڪنهن ٻي طرف هليو ويو آهي، تڏهن يقين ٿيو تہ اها ڪشش هن معذور پر سچي طالب جي هئي ،جنهن اسان کي ڇڪي هن ديهہ ۾ آندو ۽ انهي بزرگ جو پيغام رڳو هن طالب معذور جي ملاقات جو بهانو هيو.

نقل6: حسين فقير عمراڻي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون درگاهہ مبارڪ تي سندن زيارت فيض بشارت لاءِ ويو هوس پوءِ هڪڙي رات اتي گذاري ٻي ڏينهن ڪائنہ موڪل گهريم .فقير چوڻ لڳا تہ اي حسين فقير! اڄ رات آئين وري اڄ ئي ٿو موڪلائين . سو ڪهڙو سبب؟ وري پاڻ ۾ پاڻهي چوڻ لڳا تہ هتان بک جي پاران ٿو پڇين، ڇوتہ سفر ۾ جتي وينداتہ مڙوئي ماني تہ ڏؤ تي ملندي آهي . پاڻ فرمايائون تہ سپ جنهن مان موتي پيدا ٿيندا آهن سا رهندي هميشہ پاڻي ۾ آهي، پر جڏهن ان ۾ مينهن جي پاڻي جي ڪشش پيدا ٿيندي آهي تڏهن انهيءَ وقت ٻاهر نڪري ايندي آهي، پوءِ جڏهن مينهن جو قطرو منجهس پوندو آهي تڏهن پنهنجا چپ بند ڪري پاڻي جي تري هيٺ هلي ويندي آهي ۽ مدت مقرر گذرڻ کان پوءِ انهيءَ سپ ۾ هڪ عجيب بادشاهاڻو موتي پيدا ٿي پوندو آهي. توڙي جو جنهن پاڻي ۾ رهندي آهي سو بہ مينهن جهڙو پاڻي آهي پر مينهن جي ڦڙي جي ڪشش ڪري اڻ ملهو موتي منجهس پيدا ٿي پوي ٿو.پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ڪشش هوندي تہ پوءِ طالب جتي ڪٿي با مراد ۽ خوش رهندا.

اي عزيز! سپ مان مراد آهي طالب ۽ سمنڊ جي پاڻي مان مراد هي دنياوي جهان آهي ۽ هي

مينهن جي قطري مان مقصود آهي الله سبحانہ تعاليٰ جي محبت ۽ شيخ ڪامل جو رابطو ۽ اٽ ملهي بادشاهاٽي موتي جو مطلب آهي معرفت جو حصول. پوءِ جنهن طالب کي محبت آهي ۽ مرشد جي رابطي واري مينهن جي ڦڙيءَ جي ڪشش پيدا ٿي سمنڊ جي پاٽي يعني هن دنيا کي "ترك الدنيا راسُ كل عبادة" جي حڪم موجب ترڪ ڏيئي ان کان منهن مٽي ڇڏيائين تہ پوءِ ٿوريئي مدت مقرر اندر بادشاهاٽي موتي معرفت واري کي حاصل ڪري ونندو.(ان شاءَ الله)

نقل7: صديق فقير ڇچر نقل ڪري ٿو تہ حضرت صاحبزاده مسند نشين قدس سره نقل فرمايو تہ هيڪر پاڻ باغ جي چوديواري ۾ وينا هئا، اسين بہ سندن حضور ۾ وينا هئاسون تہ ايتري ۾ پاڻ ٻہ ٽي پيرا باغ جي باهرين دروازي ڏانهن نظر ڪٽي نهاريائون .صاحبزادو سڳورور چوي ٿو تہ مون عرض ڪيو تہ حضرتا! اوهان هر هر دروازي ڏانهن پيا نهاريو ڪهڙو انتظار آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ شايد ڪو سچو طالب اچي رهيو آهي، جنهن جي ڪري اسان جي دل کي ڪشش پئي ٿئي تہ ايتري ۾ هڪڙو فقير دانهون ڪوڪرا ڪندو باغ جي دروازي تي جو بند ٽيو پيو هو، اچي مٿو هٽڻ لڳو. پاڻ موليڏني فقير کي دروازي کولڻ جو حڪم فرمايائون جيڪو حڪم موجب ان فقير کي اندر وٺي آيو . هن اچڻ شرط جيئن سندس نظر حضور جن جي منهن مبارڪ تي پيئي تيئن پتنگ وانگر بي اختيار ڦٽڪندو اچي پيرن مبارڪن واري شمع تي ڪريو ، پاڻ ڪيس پاڪر پائي هٿ مبارڪ پنيءَ تي رکي فرمايائونس تہ اسين بہ تنهنجي انتظار ۾ وينا هئاسون،پوءِ اهو فقير ٻہ ٽي ڏينهن صحبت ۾ رهي ڪمالیت جي درجي کي پهچي موڪلايو هليو ويو.

نقل8: حضرت صاحبزادو مسند نشين قدس سره نقل فرمائي ٿو تہ هڪڙو نالائق بدڪار شخص جيڪو مير سهراب ٽالپر جي سرڪار ۾ دولت خواهي جي لقب سان مشهور هوندو هو،سو حضور جن جي جناب مستطاب ۾ حاضر ٿي مريد معتقد بلڪ سچو طالب بڻجي ويو ،سلسلہ عاليہ ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ سندس هي مقرر عادت هوندي هئي تہ نفس جي مخالفت سبب ڪنهن ڪم ۾ پنهنجو مقصود ڪري سمجهندو هو. هيڪر پاڻ مسجد شريف کان حاويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرما پئي ٿيا ،پر وري يڪدم مسجد شريف ۾ موتي آيا ۽ فرمايائون تہ اي يار! اسان جي جلد بي وقت موتي اچڻ جو سبب اوهان ڄاڻو ٿا تہ ڪهڙو آهي؟جواب ۾ سيئي مان ڪري ويا ، پاڻ فرمايائون تہ هي مڙئي هن يار جي ڪشش آهي جو سچو طالب آهي. پاڻ ائين فرمائيندي انهي فقير دولت خواهي ڏانهن اشارو فرمايائون.

فصل ٽيون
مرشد جي مريد تي شفقت بابت

نقل1: قاضي محمد شفيع رهندڙ هالن جو نقل ڪري ٻڌايو ته هيڪر مير ڄام ٽالپر ۽ ٻيو فقير درگاهه مبارڪ تي سندن صحبت ۾ ويٺا هئا، مير ڄام سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! ڪتاب 'غوثي' هن غلام وٽ آهي پر ان مان به ورق ڦاٽي ويا آهن، جيڪڏهن حضور جن جي ڪتبخاني مان ڪتاب مٿيون امداد ٿئي ته جيڪر اهي به ورق نقل ڪري موٽائي ڏيون.پاڻ فرمايائون ته لکندڙ ڪير آهي؟ مير ڄام منهنجو نالو ڪنيو .پوءِ پاڻ ڪتاب 'غوثي' گهرائي ڏنائون . مون انهيءَ وقت سندن حضور ۾ ويهي لکيو. پوءِ پاڻ منهنجا اهي لکيل ورق ڏسي فرمايائون ته اکر تمام سٺا ۽ وٽندڙ ٿو لکين. مون اکين مان پاڻي وهائي نيزاري سان عرض ڪيو ته حضرتا! هن ٻانهي جي سموري عمر اکرن لکڻ ۾ بيفائدي خرچ ٿي ويئي آهي، هينئر حضور جن جي مهرباني ۽ توجه جو اميد وار آهيان، پاڻ جواب ۾ زبان مبارڪ سان فرمايائون ته جيڪا خرچ ٿي ويئي هئي سا هينئر ڪلئي موٽي هٿ آئي آهي ۽ ضايع نه ٿيندي ،تون دلجاءِ ڪر.

نقل2: محمد ذاڪر رهندڙ ٽنڊي قيصر نظاماڻي جو نقل ڪري ٻڌايو ته هيڪر هڪڙو شخص سندن حضور مبارڪ ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا!مون کي ٽانوَ ٻه عطا فرمايو ۽ فيض جو ٻهرو ٻه عنايت ڪيو. ٻه ٽي پيرا هي لفظ موٽائي پي چيائين ۽ دانهون ڪوڪون پي ڪيائين ته آئون ڪم بخت ۽ بي نصيب آهيان ،پاڻ فرمايائونس ته ائين نه چؤ! ڇو ته اسان جي آڏو ڪم بخت ۽ بد نصيب ڪو نه اچي سگهندو.

نقل3: جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٻڌايو ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفرتان موٽندي شفقت ڪري مون مسڪين جي دعوت تي ديهه ڪڙئي ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ مون کي فرمايائون ته اهل دولت ۽ شاهوڪار ماڻهن دعوتن تي جو عمدا عمدا مڪلف طعام تيار پي ڪيائون ۽ ٻوڙ پلاءَ پي حاضر ڪيائون تن جي ڪائڻ ڪري دل تي تنگي ۽ بار ٿي پيو آهي،اهي مڙئي طعام مضر ۽ نقصان ڪندڙ آهن، اڄ تون جوئر جي ماني ۽ چٽن جي دال يا ساڳ جي پاڄي ۽ ڏاڇي جو کير تيار ڪرائجانءِ .خليفو چوي ٿو ته سندن حڪم موجب مون جوئر جي ماني ۽ چٽن جي دال سندن ڪاڌي مبارڪ لاءِ تيار ڪرائي ۽ ڏاڇيءَ جو کير ٻه گهرائي ورتم، پاڻ اهو طعام ڪاڌائون ۽ ڏاڍا سرها ۽ خوش خورم ٿيا.

نقل4: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ هن غلام جي غريب خاني تي تشريف فرما ٿيا هئا، سندن تشريف آوري جو ٻڌي آس پاس جون زالون تمام گهٽيون اچي گڏ ٿيون هيون ۽ هر ڪا جدا طرح پنهنجا سوال حضور جن کان پئي گهري. پاڻ انهن مڙني جي جواب ۾ فرمايائون ته جنهن کي ٻه جيڪو مطلب يا

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مشڪل هجي سو خليفي کان وڃي پڇو ۽ گهرو ڇو ته اسان سيني شين بابت خليفي کي اجازت ڏيئي ڇڏي آهي.

نقل5: هيڪر دائم فقير ڪٽي رهندڙ ديهه سڏوجي واقع پرڳٽي ڪنڊياري جو حضور جن جو سچو مريد هو، تنهن کين دعوت جو عرض پيش ڪيو .پاڻ سندس دعوت قبول ڪري فرمايائونس ته وڃي جلدي ماني تيار ڪراءِ ته تو وٽان دعوت کائي وري اڳتي روانا ٿي ويندا سون ،رات اتي نه ترسنداسون. دائم فقير جي مرضي هئي ته جيڪر پاڻ رات اتي ترسي پون تنهن ڪري طعام تيار ڪرائڻ ۾ ڪجھ دير مدار ڪيائين، جڏهن پاڻ وقت مقرر تي جماعت سميت اتي تشريف فرماٿيا، تڏهن دعوت جي ماني تيار نه هئي، پاڻ سندن دعوت ڇڏي وري اڳتي روانا ٿيا، هو مريد ويچارو روئندو دانهون ڪندو سندن رڪيب سان گڏ ڪرندو، اٿندو ۽ ڊوڙندو پي آيو، تڏهن پاڻ سندس حال تي رحم ۽ ٻاجھ ڪري فرمايائونس ته هينئر تنهنجي دعوت ڇڏي آيا آهيون ، موٽي نه هلنداسون، باقي ٻيو جيڪو تنهنجو چوڻ هجي سو چئو ته ائين ڪيون. هن ويچاري عرض ڪيو حضرتا! مون کي پنهنجي هٿ اکرين رضامندي جي چني لکي ڏيو ته مون لاءِ اها سَند حجت طرح رهي . پوءِ مس قلم ڪاغذ حاضر ڪيائين پاڻ هي حرف ڪيس لکي ڏنائون ته ’آئون دائم کان قيامت جي ڏينهن تائين راضي آهيان‘.

جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته اهو ڪاغذ اڃان تائين سندس اولاد وٽ سَند ۽ تبرڪ طرح باقي رکيل آهي.

نقل6: هيڪر پاڻ حضرت ميان صاحب قدس سره جن کان نقل فرمايائون ته هڪڙي مريد کان سندس مرشد جي حضور ۾ ڪا بي ادبي ٿي پئي هئي، جنهن ڪري سندس شڪل متجي ڳيري جي مثال بٽجي پيئي جو اها صورت وڃي اٿي پيڳو. سندس پير ان جي پويان شهباز بٽجي وڃي اڏاٽو اهو مريد اڏامندو اچي حضرت سرور ڪائنات ﷺ جي دامن ۾ لڪو،جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته پاڻ اهو نقل پورو ڪري مون کان پڇيائون ته انهي جي ڇا معنيٰ آهي؟ته ان وقت مونکي سندن توجه مبارڪ جي برڪت سان انهي ڳالهه جي معنيٰ ۽ هي سمجھ ۾ آئي ته حضرتا!مرشد جي مريد تي اهڙي ته شفقت هوندي جو جيتوٽيڪ ان مريدکان بي ادبي صادر ٿي پئي هئي،ته به سندس مرشد پڇاڙي تائين ڪيس حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي دامن کان ٻاهر ٻي هنڌ نه ڇڏيائين. پاڻ فرمايائون ته اها ئي سندس معنيٰ آهي ،اي طالب! نظر ڪري ڏس ته مرشد ڪامل کهڙي نه عظيم نعمت آهي؟

پير ره کبريت احمر آمده است
سينه او بحر اخضر آمده است
چون ترا پير اين چنين آيد پديد
قفل درد ت را پديد آيد کليد

يعني:ڪامل مرشد اڪسير جي مثال آهي، جو سندس سينو درياءَ لهرون هڻندڙ آهي

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جيڪڏهن توکي ڪو اهڙو مرشد هٿ اچي وڃي ته ائين سمجهه ته تنهنجي دردن واري قلف لاءِ ڪنجي هٿ اچي وئي.

نقل7: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته پاڻ جڏهن قلات جي سفر تان ٿي وري پيهر ان سفر تي تيار ٿيا هئا. تڏهن مون سندن خدمت سڳوري ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! هي فقير اوهان جي رقيب سان گڏ حاضر هجي، يا پوئتي موڪلي وڃي،جيڪي منهنجي حق ۾ بهتر سو امر فرمايو ته ان تي عمل ڪريان،پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته هينئر مون کان نه پڇ بلڪ جيڪي تنهنجي دل ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ القاءَ فرمائي ان تي عمل ڪر يعني ته پنهنجي دل کان پڇي عمل ڪر.

اي عزيز! جيڪو به فيض يا مرتبو ڪماليت مريد کي حاصل ٿئي ٿي سا سڀ مرشد جي مهرباني ۽ شفقت ۽ عنايت جو نتيجو آهي نه ته هن انڌي ٻوڙي گونگي مادر زاد انهن مرتبن جي ڪهڙي سڌ؟هن اونداهي گهر ۾ مرشد جي جمال با ڪمال واري شمع کان سواءِ ڪا شيءِ هرگز نه ٿي ڏسي سگهجي.

نقل 8: جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر درگاهه مبارڪ تي گاري ڏوئڻ جي ڪم ۾ فقيرن سان گڏ حاضر هوس،پاڻ کٽ تي وينا هئا.آئون به گاري جون تغاريون فقيرن سان گڏ ڀريو ڪنيو پي آيس، پاڻ جڏهن مون کي هن ڪم ۾ مشغول ڏٺائون تڏهن رحم فرمائي حڪم ڪيائون ته تغاريون ڦٽي ڪري اسان سان اچي گڏ ويهه !آئون سندن فرمودي موجب ڪم ڇڏي اچي حضور ۾ ويهي رهيس،چو ته الامر فوق الادب يعني ته ادب کان امر جي بجاءَ آوري زياده چڱي آهي.

نقل9: جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون سندن خدمت مبارڪ ۾ درگاهه تي ذڪر جي حلقي ۾ حاضر هوس،تن وقتن ۾مونکي البت بواسير بادي جو اثر هو،جنهن ڪري ننڊا ڦوٽا سرس ڪائيندو هوس،ان وقت به به چار ڦوٽا ڪيڊي ڪاڏم!پاڻ اهو حال ڏسي ورتائون ۽ صبر ڪري ويا،وري ٻن ٽن راتين گذرڻ کان پوءِ وري مونکي ڦوٽا ڪائيندو ڏٺائون. ان وقت پاڻ فرمايائون ته ذڪر جي وقت هڪڙو ڦوٽو ڪائڻ ته سنت آهي !تون زياده ٿو ڪائين ڪهڙي سبب؟ مون سندن خدمت سڳوري ۾ عرض ڪيو ته حضرتا!هن غلام کي بواسير بادي جو ڪجهه اثر آهي،جڏهن ان مرض جو ڪجهه اثر ٿيندو آهي تڏهن الائچي ڪائيندو آهيان،ته البت ڪجهه فائدو ٿيندو آهي. پاڻ ان کان پوءِ جڏهن به ذڪر جي وقت جماعت ۾ الائچي ورهائيندا هئا،تڏهن ٻين سيني کي هڪ هڪ ڏينڊا هئا،مگر مون کي مهرباني فرمائي گهٽا عنايت فرمائيندا هئا.هڪڙي ڏينهن مون وٽ ڦوٽا سرس هئا ذڪر جي وقت به ٽي ڦوٽا ڪيڊي سندن هٿن تي رکيم!پاڻ انهن مان هڪڙو کٽي ڪاڏائون ۽ ٻيا موڪلائي ڏنائون ۽ فرمايائون ته ذڪر جي تلاوت لاءِ هڪڙو ايلاچي ڪائڻ سنت آهي.باقي وڌيڪ ڪا ضرورت ڪا نه آهيءِ بعض وقتن ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ايلاچيون نذراني ۾ آڻيندو هو ته اهي مونکي عنايت فرمائيندا هئا.

نقل10: خليفو غازي خان تالپر نقل ڪري ٿو ته هيڪر حاجي آدم خان بروهي گندا واهه کان ديهه تونتي واقع علائقي جهل ۾ آيو هو،اتي حضور جن جي مريدن مان به ٽي ڪوري ڪنهن ٻي هنڌان لڏي اچي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

وينا هئا،اتفاقا انهن مان هڪڙو شخص جيڪو ذڪر تي هميشہ محڪم رهندو هو، سو قضا الاهي سان فوت ٿي ويو، پوءِ جڏهن سندس جنازو قبرستان ڏانهن کڻي هليا،تڏهن هڪڙو شخص جو حضرات نقشبنديين بزرگن جي مريدن مان صاحب ڪشف جو هو ،سو بہ جنازي سان گڏيو آيوءِ جڏهن ماڻهو دفن جي ڪم کان فارغ ٿي پوئتي موٽيا تڏهن هي شخص ميت جي احوال معلوم ڪرڻ لاءِ سندس قبر تي مراقبو ڪري وينو،پوءِ مڪاشفي سان معلوم ڪري ڏٺائين تہ حضرت مربي قدس سره اتي آيا ۽ انهي ميت جو هٿ ونڊي حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جي حضور مبارڪ ۾ نيئي ۽مشرف ڪيائونس.اهو نقشبندي بزرگ اهو حال ڏسي عبرت ۾ پئجي ويوءِ اها ڳالهہ وري ڪنهنجي بہ اڳيان ظاهر نہ ڪيائين .ايا ہ ٿي ڏينهن گذريا تہ وري انهن ڪورين جي قبيلي مان هڪڙي عورت جو ذڪر فڪر سان بہ پوري مشغول نہ رهندي هئي فوت ٿي ويئي،جڏهن سندس جنازو قبرستان ڏانهن کڻي آيا،تڏهن اهو بزرگ بہ انهن سان گڏ آيو،ماڻهن جي موٽي اچڻ ڪانپوءِ سندس قبر تي مراقبو ڪري وينو وري بہ ڪيس مڪاشفي سان معلوم ٿي ويو تہ مرشد مڪمل جي همراهي ۽ برڪت سان حضرت سرور ڪائناتﷺ جي حضور ۾ پهتل آهي. اهو عجيب احوال ڏسي انهي بزرگ کي ڏاڍو جوش ۽ روڄ پيدا ٿي پيو، شهر جي ماڻهن کي وعظ ۽ نصيحت جي طرح ان احوال بابت اطلاع ڏنائين ۽ چيائين تہ حضرت پير سائين قدس سره جن جي جماعت جهڙي بي ڪا بہ جماعت ڪا نہ آهي. ۽ انهيءَ جماعت جو الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاهہ ۾ بالڪل وڏو مرتبو ۽ عاليشان درجو آهي.تنهن ڪري اوهان مڙني کي ڪپي تہ سندن طريقي مبارڪ ۾ داخل ٿيو ۽ ذڪر فڪر سان مشغول ٿيو.ڇو تہ هي طريقو سڀني طريقن کان زياده سڳورو ۽ پلارو آهي.

انهي ساڳي نقشبندي بزرگ بابت خليفي ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ ڳالهہ ڪئي، پاڻ بيان فرمايائون تہ اهو بزرگ اسان جي حضور ۾ حاضر ٿيو هو ۽ ڏاڍو نياز نوڙت ۽ عجز ظاهر ڪيائين ۽ انهن بن مريدن مماتي وارن جي بہ سموري حقيقت بيان ڪري ٻڌايائين، پوءِ پڇيائين تہ حضرتا!عجب آهي تہ اولياءَ الله سڳورن جو وجود مبارڪ هڪ هنڌ هوندو آهي،تہ وري انهيءَ وقت وڏي پنڌ ۽ مفاصلي تي بہ نظر پيو اچي،ان جو ڇا سبب آهي؟پاڻ فرمايائون تہ سندس سوال جو جواب باجوديڪ پيو هو،پر جڏهن تہ ان بزرگ کي انهيءَ جواب سمجهڻ جو استعداد ڪو نہ هو،تنهن ڪري چيوسونس تہ ولين سڳورن کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي قدرت سان گهٽائي وجود آهن، پوءِ جهڙي بہ وجود سان جتي بہ سندن دل مبارڪ جي مرضي پوي ٿي تہ اتي حاضر ٿي سگهن ٿا.

نقل11:جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر آئون فقيرن جي جماعت سميت سندن خدمت سڳوري ۾ درگاهہ مبارڪ تي ويو هوس،عاقل فقير بہ اسان سان ساڻ هو،جو واٽ تي ڪنهن عارضي سان ناچاڪ ٿي پيو،پوءِ جڏهن درگاهہ مبارڪ تي ٻہ ڏينهن گذاريا سون، تڏهن عاقل فقير مرض جي سختي کان بي حال ۽ بي خبر ٿي ويو، جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ يا ٻڌڻ ڏسڻ جي ڪا سڌ ڪا نہ رهيس،بلڪ معلوم پي ٿيو

ته سندس سکرات جو وقت آهي،ان وقت پاڻ سندس پيڙ لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ کيس ڏسي فرمايائون ته هي فقير الله تبارک وتعاليٰ جي شهود ۾ مستغرق آهي، پوءِ ٻي ڏينهن اهو فقير محمد عاقل هن دنيا مان رحلت ڪري ويو،اها خبر کين پهچايائون ،پاڻ سندس تکفين تجهيز لاءِ ڪوشش فرمايائون، جڏهن جنازو تيار ٿيو تڏهن مڙني فقيرن جي جماعت سميت اچي سندس جنازو پڙهايائون ۽ ان مسافر جي قبر مان مٽي ڪٽڻ لاءِ پنهنجو ڪپڙو مبارک هيٺ وڇايائون۽ فرمايائون ته حديث شريف ۾ آهي ته: پيشاب جا قطرا جيڪڏهن اتفاقاً ڪنهن عضوي تي پئجي وڃن ته سندس پليتي مسافر جي قبر واري مٽيءَ ڪانسواءِ هرگز پاڪ نه ٿي سگهندي.تڏهن سندن وڏي پاءُ سڳوري ميان محمد سليم قدس سره کين مٽي ڪپڙي ۾ وجهڻ کان منع فرمائي ۽ پنهنجي ڪپڙي ۾ مٽي کنيائون.پوءِ ٻين ٽر ۽ ڪوهستان ۽ لاڙ جي فقيرن جي حضور ۾ حاضر هئا،اتان تمام گهٽي خاڪ کنيائون.پاڻ قبر جي سيراندي کان بيهي سورت البقر سڳوري جو پهرين رکوع تلاوت فرمايائون ،پيراندي کان پي هڪڙي فقير سورت البقر جون پويون رکوع بيهي پڙهيو،پوءِ پاڻ هٿ کڻي دعا گهريائون ۽ پوئتي تشريف فرما ٿيا.

نقل12: خليفو ميان لقمان رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر آئون فقيرن جي جماعت سميت درگاهه مبارک ڏانهن ويو هوس۽ پي پهري نماز جي وقت اتي پهتاسون، پاڻ نماز اداکري اندر حاويلي مبارک ڏانهن اسريا هئا،ان وقت فقيرن جي جماعت ۾ ڏاڍو جوش هو،جنهن ڪري سندن حرم خاني جي در تي بيهي ڏاڍي جوش سان روڄ ، دانهون ۽ بيقراري ظاهر ڪرڻ لڳا،کين معلوم ٿيو ته جماعت آئي آهي، ٿوري دير کانپوءِ هڪڙي مائي مريدياڻي اندارن نڪري آئي ۽ اچي چيائين ته سائين جن فرمائن ٿا ته جيڪڏهن هينئر اسين ٻاهر ايندا سون ته ڦرڙي جا اسان کي پاسي تي ٿي پئي آهي، سا ڏاڍو درد ۽ اهنج ڪندي!تنهن ڪري هن وقت وينا آهيون ،پوءِ صاحبن سڳورن به اندران عرض ڪيائون ته حضرتا!هن وقت اتي وينا هجو، فقير پاڻهي انهي لڙ ۽ جوش کان گهڙي ڪن کان پوءِ مات ڪري ويندا.پاڻ فرمايائون ته هو ويچارا طالب ولايت کان پنڌ ڪري منزلون هٽي آيا آهن،تنهن ڪري مناسب آهي ،ته ٻاهر وڃي انهن سان ملاقي ٿيون،پوءِ پاڻ اندران قدم رنج فرمائي ڏيوڏيءَ ۾ اچي ترسيا، اتي جمعو ، بچو ۽ ٻين فقيرن شوق ۽ جوش جي غلبي ڪري بي اختيار کين اچي ٻاهر پائي ڦرڙي ڏکائي وڏي پوءِ پاڻ مون کي آهستگي سان ٻاهر پائي ملياءِ ٻين فقيرن کي هٿ مبارک هٿ ۾ ڏيندا ويا،سيني فقيرن سان ملاقي ٿي رهيا ،تڏهن اهڙي طرح مسجد شريف ۾ تشريف فرمايائون اتي سومهٽي نماز کانپوءِ مسجد شريف جي اوپرندي پاسي کان ڪنڊ ۾ ويهي وظيفي پڙهڻ ۾ مشغول ٿياءِ سموري جماعت دل جي حضور سان خدمت سڳوري ۾ ويهي رهي، ته اوچتي ئي پاڻ درد سان ٽڏوساه کڻي فرمايائون ته جماعت کي چئو ته مون کي معاف رکن،جو کين هٿ ڏنوسون ۽ ٻاهر نه پاتوسون،ڇا ڪيان لاچار آهيان،نه ته هڪ هڪ ڄڻي سان ڏهه ٻيرا ٻاهر پايان ها،سندن انهيءَ ڪلام مبارک ٻڌڻ شرط کي فقير وجد ۾ بي هوش ٿي ويا، ۽ کي روڄ ۾ پئجي ويا،مون عرض ڪيو ته حضرتا! اسين مڙيئي قيامت جي

ڏينهن اوهان جي ياڪر ۾ آهيون.

نقل13: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت ميان صاحب قدس سره جن جي روش مبارڪ هوندي هئي،ته جڏهن نماز جي تڪبير ٿيندي هئي تڏهن مون کي امامت لاءِ حڪم فرمائيندا هئا ۽ پاڻ پهرين صف ۾ امام جي سڄي پاسي کان بيهندا هئا،پوءِ جيڪو ٻيو ڪو ايندو هو ته پنهنجي جاءِ ان کي ڏيئي پاڻ ڏکڻ پاسي سرڪي بيهندا هئا،اهڙي طرح سرڪندي نيٺ پاڻ ڪٻي پاسي کان صف جي هن پاسي تي وڃي بيهندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته ڏکڻ پاسي کان تنهنجي جماعت جي صف ۾ آئون آهيان ۽ اتر طرفان حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن آهن، تون امام آهين ۽ اسين تنهنجي جماعت کي سلامتي سان وٺي ويندڙ آهيون.

نقل14:جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هڪڙو پروچ شخص لاشارين جي قوم مان ذڪر پيڙ ۽ صحبت شريف لاءِ سندن حضور مبارڪ ۾ درگاھ مبارڪ تي حاضر ٿيو، پاڻ ان کان پڇيائون ته ڪٿان ٿو اچين؟ عرض ڪيائين ته حضرتا! جون (ا) کان تڏهن پاڻ ڪيس فرمايائون ته پوءِ ايترو پراهون پنڌ ڇا لاءِ پي ڪيئي،جيڪڏهن ڪڙئي واري ديهه ۾ خليفي جي صحبت ۾ وڃين ها ته گويا اسان جي صحبت ۾ آئين.

نقل15:جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿوته هيڪر پاڻ لاڙ جو سفر ڪندي ديهه سيدپور ۾ تشريف فرما ٿيا هئا،مون به اتي وڃي سندس قدم بوسي حاصل ڪيم،پوءِ جڏهن پاڻ ديهه ٻارچاڻي واقع پرڳڻي چاڪر هالي ۾ تشريف فرما ٿيا،تڏهن اتي تمام گهڻا ماڻهو زالين مڙسين مشغول پي ٿيا، به تي نويل ماڻهو ذڪر پيڙ لاءِ حضور مبارڪ ۾ آيا،پاڻ مون کي تلقين ڪرڻ بابت امر فرمايائون ۽ پوءِ زبان مبارڪ سان هيئن فرمايائون ته هن ڪم يعني ارشاد جي دسترخوان جي بي نظير نعمتن جي اوبر ورهائڻ يعني تلقين ڪرڻ بابت جو نعمتن ۾ وڏي نعمت ۽ ڪاميابين ۾ وڏي ڪاميابي آهي،بي ڪنهن به خليفي کي اڄ تائين عطا نه ڪئي اٿون،مگر اڄ توتي اها نعمت بخشيش ڪيون ٿا.

نقل16:محمد ذاڪر فقير رهندڙ ٽنڊي قيصر نظاماڻي جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ مير الهيار جي ٽنڊي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا،صاحبزادو والاتبار ميان محمد حسن رحمة الله عليه اتي ڪٽ تي وينو هو(يعني ته جامع ملفوظات رحمة الله عليه)به سندن امر موجب صاحبزادي سڳوري سان گڏ ڪٽ تي وينو هو،ته خليفي ميان سعيدخان ماباڻي رحمة الله عليه حضور پر نور ۾ عرض ڪيو ته هڪڙي عورت مريد ٿيڻ لاءِ حاضر ٿي آهي،پاڻ ان عورت جي تلقين ڪرڻ بابت خليفي جامع ملفوظات رحمة الله عليه کي فرمايائون،خليفي صاحب ادب جي ڪري حضرت صاحبزادي سڳوري ڏانهن اشارو ڪيو مگر پاڻ وري ٻيهر خليفي صاحب کي ان عورت جي تلقين ڪرڻ بابت حڪم فرمايائون.

نقل17: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر پاڻ ڪڇ جي سفر تان موٽندي جهاري ۾ پهتا،اتي مون پنهنجي ڏاڏي جي قبر جي زيارت لاءِ سندن حضور مان رخصت گهريم، جو مقام لرٻي ويجهو مقام قاسم ڪريي رحمة الله عليه جي ۾ مدفون هو،پاڻ فرمايائون ته رخصت آهي پر ڏينهنڪ موٽي اچجانءِ وڃڻ مهل

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اسان کان موڪلائي پوءِ ويجهان،پوءِ جڏهن آئون تيار ٿي گهوڙي جي سواري لاءِ نڪتس تڏهن سندن حضور ۾ حاضر ٿيس،پاڻ مهرباني ۽ شفقت فرمائي اشهد آگر مبارڪ جي اشاري سان هڪ هزار تهليل سڳوري منهنجي ڏاڏي جي روح لاءِ هديو ڏنائون،پوءِ اتان روانو ٿيس جڏهن مقام ۾ آيس تڏهن ڏٺم ته گهٽن ڏينهن گذري وڃڻ ۽ مينهن جي بارش ڪري قبر ڌهي وئي آهي.جو سڃاڻپ ۾ نه ڪانه پئي اچي پوءِ دل جي اتحاد سان سندس قبر معلوم ڪري ختمو ڏنم ۽ انهيءِ ڏينهن موٽڻ جي ڪوشش ڪيم پر نه پهچي سگهيس تنهن ڪري وري صبح تي سندن خدمت اقدس ۾ پهچي سمورا احوال اڳيان عرض رکيم پاڻ فرمايائون ته متان اسان جو هزار تهليل وارو هديو جو توکي ڏنو هوسين .سو ڪٿي اجايو وڃائي آئين،عرض ڪيم ته حضرتا! پنهنجي ڏاڏي جي صورت کي حاضر ڪري اوهان جو هديو مبارڪ کيس بخشيو اٿم، پوءِ پاڻ فرمايائون ته تون پختو آهين.

نقل18:قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون قلات جي سفر ۾ ساڻن همرڪاب هوس،پوءِ جڏهن نورگام وٽ پهتاسون اتي تپ سخت جو اثر مون کي لاڳو ٿي پيو،پاڻ ڪمال مهرباني فرمائي،مون کان پڇيائون ته خوش آهين؟عرض ڪيم ته فضل آهي ،پاڻ ٿي پيرا اهڙي طرح مزاج پرسي ڪيائون ،مون اهڙي طرح جواب ۾ چيو پي ته فضل آهي،پاڻ مرڪي فرمايائون ته آيا تپ فضل ناهي چا؟پر اسان پڇون ٿا ته تپ کان خلاصي ٿي آهي،يا نه؟

نقل19:جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر هوس،ته حضور جن جي لاءِ ماني ڪٽي آيا،آئون اتان اٿي اوطاق ڏانهن وڃڻ لڳس جتي آئون ۽ حقائق آگاه ميان قابل شاه رحمۃ اللہ علیہ گڏجي رهندا هئاسون، عنايت فقير اڊيجو وينل ديهه علي پور جو ڪاوڙ سان مون کي چوڻ لڳو ته ڪاڏي ٿو وڃين؟اتي ويهي ماني کاءُ مون چيو ته آئون ميان قابل شاه سان گڏجي کائيندس جو اتي مانهه جو منهنجي غذا آهي، ميسر ٿيندي آهي، پاڻ آهستگي سان فرمايائون ته جيڪڏهن اسان وٽ کائيندين ته هتي به مانهه پيدا ٿي پوندي،پوءِ سندن خدمت مبارڪ ۾ ويهي طعام کاڌم.

نقل20:جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته خليفو حاجي محمد رهندڙ پوڄ واقع ملڪ ڪچ جو مون سان گڏجي درگاهه مبارڪ ڏانهن روانو ٿيو،پوءِ جڏهن ملاقات ۽ زيارت کان مشرف ٿياسون،تڏهن خليفي محمد عرض ڪيو ته حضرتا!آئون ملڪ هالار ۽ سورٹ ۾ ويو هوس،اتان جا ماڻهو اوهان لاءِ ڏاڍو شوق ۽ محبت رکن ٿا،۽ دعوتن جي اجابت لاءِ حضور مبارڪ ۾ عرض گذاريو اٿن،پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته پهريان هيڪر خليفو (يعني جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ)هالار ۽ سورٹ جو سفر ڪري اچي ته پوءِ اسان به اوڏانهن سفر ڪنداسون.

نقل21: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ ٽر ملڪ جي سفر۾ سيد قاسم شاهه جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، اتي آئون به سندن حضور ۾ حاضر هوس، مون کي تن ڏينهن ۾ 'ڪفر حقيقي' جي حالت هئي، پوءِ سومهياڻي نماز کانپوءِ جڏهن پاڻ آرام لاءِ اچي بستري تي سمهيا، تڏهن آئون به

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پنهنجي هميشه جي عادت موجب سندن خدمت ۾ ويجهڙو اچي ويٺس.

پاڻ مون کي فرمايائون ته اسان کي ويجهو نه ويهه، مون عرض ڪيو ته حضرتا! اصحابن سڳورن رضوان الله عليهم اجمعين مان جي محرم ۽ خاص هوندا هئا، تن کي حضرت سرور ڪائنات ﷺ جي حضور مبارڪ ۾ هر وقت حاضر ٿيڻ جي رخصت هوندي هئي ۽ اهي حضور جن کي ويجهڙائي ۾ ويهندا هئا، پاڻ فرمايائون ته سچ ٿو چوين، پر محرم ته ٿي نه ! پوءِ اچي ويجهو ويهه ! مون چيو ته آئون محرم آهيان، فرمايائون ته نه، ٿي ٻيرا اهڙي طرح موٽائي موٽائي اهو سوال جواب ٿيو، پوءِ پاڻ فرمايائون ته نماز نه ٿو ادا ڪرين، مون چيو ته نماز پڙهندو آهيان، پاڻ فرمايائون ته پر دل جي اعتقاد ۽ يقين سان نه ٿو پڙهين، جيڪڏهن دل جي حضور سان نماز پڙهين ته هوند نماز جي حقيقت تو تي ڪلي پوي ۽ ڪفر حقيقي کان ڇٽي پوين. تڏهن مون وڏي آواز سان چيو ته نماز نه پڙهندس، تڏهن پاڻ ٻئي هٿ مبارڪ سيني تي رکي ماٺ ڪري ويا ۽ اکيون پوري ننڊ ۾ هليا ويا، پوءِ ته مون تي اچي حالت ۽ روڄ غلبو ٿيو ڪيو، پنهنجو منهن سندن سيني مبارڪ تي رکي ايترو ته رنس جو منهنجي ڳوڙهن جو پاڻي سندن پاسن مبارڪن کان وهي هليو، ڪجھ مدت کانپوءِ وري افاقي ۾ آيس،پاڻ فرمايائون ته تو کي نماز کانسواءِ هرگز ڪو نه ڇڏيندس.تو کي خبر ڪانهي مون کي تنهنجو تمام ڏڪ آهي، جو 'ڪفر حقيقي ' ۾ پير کوڙي بيهي رهيو آهين ۽ تنهنجي هيءَ نماز ٻين لاءِ فيض جو سبب آهي ۽ آئون الله جي مخلوق جو فيض بند نه ڪندس.

نقل22: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ عالي جمالي جي ڳوٺ واقع پرڳٽي ڪيرڍي جي ڪنهن بزرگ جي جاءِ تي تشريف فرما ٿيا هئا، مون کي خيال هو ته جيڪر تلقين جي ڪم جي ڪائنئ معافي ونان، ڇو ته هي ڪم نهايت وڏو ڪم آهي، جو تلقين ڪندڙ الله سبحانه و تعالیٰ ۽ خلق جي وچ ۾ امين ٿي پوي ٿو ۽ امانت جي حق ادا ڪرڻ جي طاقت پاڻ ۾ ڪا نه پيو ساري سگهان. تنهن ڪري ويني رنم، ته انهي وچ ۾ ٻه ٿي نوان فقير مريد ٿيڻ جي لاءِ خدمت شريف ۾ آيا، پاڻ انهن جي تلقين ڪرڻ بابت مون کي امر فرمايائون، سندن حڪم موجب کين تلقين ڪيم، اهي مڙئي اهڙا ته وجد ۾ اچي ويا جو گوياڪ ڪنهن تڪبير ڏئي ڦٽو ڪيو اٿن.

نقل23: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر آئون سندن خدمت سڳوريءَ ۾ درگاهه مبارڪ تي حاضر هيس، اتفاقاً نظاماڻي ٻروچن ۽ لقمان ٽالپر جي وچ ۾ جهڳڙو ٿي پيو.جنهن ۾ بلوچ خان نظاماڻي جو پٽ زخمي ٿي پيو ۽ سندن ٻه ٻيلي به مارجي ويا، ان کانپوءِ مير سهراب ٽالپر هڪ معتبر ماڻهو حضور جن جي خدمت سڳوري ۾ ڏياري موڪليو ته مهرباني فرمائي اوهين نظاماڻي فقيرن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾صلح اصلاح فرمائي ڇڏيو. پر بشرطيڪ نظاماڻي فقيرن کي هي نه معلوم ٿئي ته ڪو مير سهراب ۽ لقمان ٽالپر ميڙ ٿي وڃڻ لاءِ اوهان کي استدعا ڪئي آهي. بلڪ اوهين نظاماڻي فقيرن کي اهڙي طرح چئجو ته اسين خاص خدا تعالیٰ لڳ ۽ مؤمنن جي اصلاح لاءِ ته ناحق مسلمانن جو رتو ڇاڻ نه

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٿئي،اوهان وٽ ميڙ ٿي آيا آهيون، انهي ڳالهه کان سندن دل مبارڪ تي البته گراني ٿي پئي ۽ فرمايائون ته اهل دنيا جا ڪهڙا نه مڪار ۽ دوها آهن، پوءِ پاڻ فرمايائون ته آئون اوهان جي عزيزن متن ڏانهن ويندس، جڏهن هتان تيار ٿي هلڻ جي سانباهي ڪيون، تڏهن ياد ڏيارجو ته هڪڙي ٽوپي اوهان کي ڏني ويندي. خليفو جامع ملفوظات چوي ٿو ته مون روانگي جي وقت ان بابت سندن حضور ۾ ڪو اطلاع ڪو نه ڪيو، بلڪ فقيرن جي جماعت سميت پيادل اڳتي روانو ٿي ويس، پاڻ واٽ تي ديهه خانپور ۾ اولهندي ڏوري جي ڀڪ سان پيادل فقيرن جي جماعت کي اچي پهتا ۽ مون کي فرمايائون ته مون اوهان کي چيو هو ته هلڻ مهل اسان کي ياد ڏيارجو ته توهان کي هڪڙي ٽوپي ڏيندا سين، مون عرض ڪيو ته حضرتا! جيڪي ڪجهه ڪمال مهرباني ۽ رحم پروري سان هن مسڪين تي عطا فرمائي اٿو، تنهن، هن جهان جي وڻڪ ۽ ٻين شين کان بي احتياج ڪري ڇڏيو آهي، پوءِ وري انهيءَ وقت عرض ڪيم ته حضرتا! هن طرف هلڻ ڪري ڏاڍن بي فائدي خطرن ۽ قبض منهن ڏنو آهي. پاڻ مون کي پاڪ ۾ آڻي فرمايائون ته هي قبض ۽ خطرا اوهان جي طرفان نه آهن، بلڪ اسان جي طرفان آهن، ڇو ته اهل دولت ۽ دنيا وارن وٽ وڃڻ مهل اهڙي طرح بي جمعيتي پيدا ٿي پوندي آهي، پر بعض وقتن ۾ ڪن سائلن ۽ مسڪينن جي ڪم ڪار سان حاڪمن ۾ احتياج پيو پوندو آهي، تنهن ڪري شادي ۽ غمي ۾ ساڻن اچڻ وڃڻ جو رستو جاري رکيو اٿون، پوءِ پاڻ نظاماٽي فقيرن وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ کين صلح ۽ سانت لاءِ نصيحت طرح تمام گهٽو چوڻ آکڻ ڪيائون ته هن ڪري اوهان جي پلائي ۽ الله تعاليٰ جي خوشي ۽ فقيرن جي رضامندي حاصل ٿيڻ جو قوي يقين آهي، اوهان کي ڪپي ته ان ۾ پنهنجو فائدو سمجهي ان ڳالهه کي درگذر ڪري ڇڏيو . پر نظاماٽي فقيرن ان ۾ البت انڪار پي واريو ته ايتري ۾ به عورتون جي انهن ٻن ڪنلن شخصن جون مائرون هيون، حضور مبارڪ ۾ دانهون ڪوڪون ڪنديون اچي حاضر ٿيون ۽ عرض ڪيائون ته حضرتا! اسان جي پٽن جي خون جو عيوضو قاتلن کان ونڻي ڏيو ته اسان کي حق پهچي، پاڻ فرمايائون ته اوهان جي پٽن جي خون جو عيوضو پاڻهي الله تبارڪ و تعاليٰ قاتلن کان ونڻي ڏيندو، پروچ نظاماٽين کي جيتوٽيڪ پاڻ گهٽو ئي ڏيڇاريائون، ڏمڪايائون پر پنهنجي ڏنگي پير تان هيٺ نه لٽا، پوءِ مون حضور جن سان متحد ٿي نهاري ڏٺو ته سندن دل مبارڪ ۾ ڪاوڙ ۽ غضب جو ڪو اثر موجود ڪو نه هو، بلڪ سندن اندر وارو آئينو اڳئين حالت وانگر بلڪل صاف هو، تڏهن عرض ڪيم ته حضرتا! هي ڪهڙو اسرار آهي جو جيڪي ظاهر ۾ گفتگو پيو ظاهر ٿئي تنهنجو باطن ۾ ڪو به اثر موجود ڪونهي، پاڻ فرمايائون ته 'تيرنهن تالا بازيگر' ٻڌا اٿئي؟ جي تيرنهن گنگهرو پنهنجن هٿن، ٻانهن ۽ گوڏن تي ٻڌي وڃائيندا آهن ته تيرنهن مان ئي هڪ آواز پيو نڪرندو آهي، توکي اڄا ن هڪڙو ئي توحيد جو تال سيکاريو اٿن ۽ ٻيا ٻارنهن تال رهيل آهن، ان شاءَ الله اهي به وهندڙوئي توتي ڪلي ويندا. خليفو صاحب رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته پوءِ ستت ئي سندن مهرباني ۽ توجهه مبارڪ سان اهي ٻارنهن تال ٻيا به معلوم ٿي ويا.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل24: خليفو جامع ملفوظات ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر سندن حاويلي مبارڪ ۾ اندر فقيرن جي جماعت سان گڏ گاري ڊوئڙ ۾ مشغول هئس، پوءِ مون کي فرمايائون ته متي ڪٽ اوهان تان موقوف آهي، اسان سان گڏ ڪٽ تي ويهي رهه، پاڻ توڙي جو ان لاءِ گهٽو پي فرمايائون پر مون عذر ۽ التجا پئي ڪئي ته حضرتا ! آئون اوهان جي برابر حاويلي مبارڪ ۾ هرگز نه ويهندس، پوءِ زمين تي ويهي رهيس، تڏهن پاڻ ننڍڙي ڪتولي گهرائي ان تي ويهاريائون ۽ 'مڪتوبات حقائق آگاهه ميان ذاڪر ﷺ' جي پڙهي ڪري ان جون معنائون مون کي بيان ڪري ٻڌائيندا پئي ويا.

نقل25: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙڪاڻي جي سفر ۾ هئا، اتان مون کانئن موڪل گهري، پاڻ زورين مسين موڪل ڏنائون، وري قاضي عبدالرحمان ﷺ جي موڪل لاءِ به سندس چوڻ موجب عرض ڪيم، پاڻ جواب ۾ بلند آواز سان فرمايائون ته چوين ٿو ته يڪي سچ ڪري وڃان چا؟ پوءِ ته سندن انهي ڪلام ٻڌڻ شرط مون کي حالت ۽ وجد ۽ روچ اچي وريو ۽ دانهن جا آواز بي اختيار اندر مان نڪتا پئي ويا، پاڻ مون کي پاڪر پائي اهڙو ته بلند آواز سان گريو ڪيائون جو مڙني حاضر مجلس ماڻهن کي وجد ۽ روچ ۽ شور پئجي ويو ۽ انهي حالت ڪري اهڙو ته غوغا پئجي ويو جو گوياڪ آسمان تائين پي لڙ پهتو، پوءِ پاڻ مون کي رخصت ڏنائون، باقي قاضي عبدالرحمان کي موڪل نه ٿي. اي عزيز ! ايتري قدر شناسي طالبن جي سندن حضور شريف ۾ منظور ٿيل هئي سچ آهي:

قدر زر زرگر بداند قدر جوہر

جوہری

يعني:سون جو قدر سونارو ۽ موتي جو قدر جوهري ڄاڻندو.

نقل26: هيڪر بيان فرمايائون ته شيخ سعدي لاهوري قدس سره پنهنجي خليفي شيخ حاجي ايوب قدس سره جي ملاقات لاءِ جو مزارجي ڳوٺ رهندو هو، تشريف فرما ٿيا، ٻيهري جي وقت سنت ادا ڪري فرض جي انتظار ۾ وينا ۽ جڏهن حاجي ايوب قدس سره آيو، تڏهن نماز ٻيهري جي پڙهايائين ۽ نماز پڙهي وري گهر ڏانهن موٽي ويو ۽ جماعتين ڏانهن کو نه نهاريائين، مخدوم سعدي قدس سره سندس خادمن مان هڪ شخص کي فرمايو ته اسان جي اچڻ بابت حاجي ايوب کي اطلاع ڪيو، خادم جواب ڏنو ته اوهان جهڙا ڪيئي سائل پيا ٿا هتي اچن. حضرت پير سائين قدس سره فرمايو ته انهن وقتن ۾ افغانن جي ظلم کان گهٽا مظلوم ويچارا اچي حاجي ايوب کي ميڙ ڪري شڪارپوري حاڪمن ڏانهن وڃي ويندا هئا، اهو ئي سبب هو جنهن ڪري حاجي قدس سره جماعت ڏانهن نه نهاريو. مخدوم سعدي قدس سره فرمايو ته آئون سائل ناهيان، حاجي کي وڃي ٻڌاءِ ته هڪڙو شخص سعدي نالي لاهور مان اوهان جي ملاقات لاءِ آيو آهي، انهي اطلاع پهچڻ شرط حاجي صاحب ڊوڙندو مخدوم صاحب قدس سره جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو ۽ وڏي عجز ۽ نيازي سان عرض ڪيائين ته حضرتا! هيتري دير مدار جا قدمبوسي ۾ واقع ٿي آهي، سا منهنجي بي ادبي ۽ سنت جي ترڪ پاران ٿي آهي، جو فرض ادا ڪرڻ کانپوءِ جماعتين ڏانهن نهاري نه

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڏنم تکڙ ۾ گهر هليو ويس.

نقل27: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر مون هڪڙو تصوف جو ڪتاب مطالعي لاءِ پاڻ سان گڏ سندن خدمت سڳوري ۾ ڪٽي آيس، پاڻ فرمايائون ته هينئر جيڪڏهن تون تصوف جا ڪتاب مطالعو ڪرين ته توکي رخصت آهي، پلي وڃي ڪر. جيڪڏهن عبارت پڙهڻ ۾ ڪا گهٽتائي ٿئي ته خير نه ته به مطلب مقصود اسرار ۽ لڪل معنائون هينئر توتي سيئي ڪلي رهنديون.

نقل28: هيڪر پاڻ ڪچ ملڪ جي سفر تان موٽندي لاڙ ملڪ ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ديهه ڪنياري واقع پرڳٽي لاکاڻ، ڪناري مبارڪ واهه جي سان اچي منزل انداز ٿيا هئا، اتي خليفي اسماعيل هن فقير کي چيو ته تون سومهياڻي ڪانپوءِ سندن حضور مبارڪ ۾ عرض گذاري مون کي ڳوٺ وڃڻ جي موڪل ونڻي ڏي.ان جي چوڻ موجب نماز جي ادائگي ڪانپوءِ سندن خدمت ۾ خليفي جو سوال پيش ڪيم، پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته هتان مڙني کي رخصت ڏينداسون، ان ڪانپوءِ پاڻ دعوت واري جي گهر طعام ڪائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ فقيرن جي جماعت به ساڻن گڏ هئي، ان وقت سانوڻ جا ڏينهن هئا، مون گرمي جي ڪري دستار مٿي تان لاهي رکي هئي ۽ ڏٻي توپي مٿي ۾ وجهي ڇڏي هيم،جڏهن پاڻ طعام ڪائي فارغ ٿيا،تڏهن اوطاق ڏانهن متوجه ٿيا ۽ اتي هلنديئي يڪدم آرام ڪرڻ واري جاءِ ڏانهن هليا ويا، آئون ۽ ٻيا ڪلئي فقير اچي اوطاق ۾ ويناسون اجان گهڙي ڪن گذري ته حاجي ناڙو فقير جو درگاهه جي منظور نظر فقيرن مان هو، مون کي طلب ڪرڻ لاءِ ڏياري موڪليائون، آئون يڪدم ان فقير سان گڏجي وڃي خدمت ۾ مشرف ٿيس، ان وقت اتي حاجي ناڙو ۽ موليڏنو ڪونري بردار حاضر هئا، پاڻ انهن ٻنهي کي پري روانو ڪري فرمايائون ته خليفا! هڪڙي ڳالهه اسان جي دل ۾ اچي پئي آهي، سا اوهان سان ٿو ڪيان ته حضرت ميان صاحب قدس سره جن يعني اسان جي والد معظم مڪرم قادري طريقو حضرت شيخ عبدالقادر حسني قدس سرہ کان ورتو هئائون، جو اهو بزرگ سڳورو حضرت غوث الثقلين شيخ عبدالقادر حسني قدس سرہ جي اولاد مان آهي. پوءِ اسان جي والد سڳوري قدس سره ڳالهه ڪئي ته حضرت شيخ عبدالقادر حسني قدس سرہ اسان جي مرشد اسان کي فرمايو ته حضرت سرور ڪائنات صلی اللہ علیہ وسلم جو قدم مبارڪ حضرت پير غوث الثقلين قدس سرہ جي ڪنڌ تي آيل هو، پوءِ ان جو تفصيل هن ريت ٻڌايائون ته جڏهن حضرت سرور ڪائنات صلی اللہ علیہ وسلم جن معراج واري رات عرش عظيم تي پئي اسريا، تڏهن اتي ڏاڪڻ نه موجود هجڻ ڪري گهڙي کن ترسي پيا ۽ انتظار ۾ رهيا ته ايتري ۾ اوچتو ئي هڪڙي شخص چوڪراٽي شڪل ۾ سهٽي منهن سان اڳيان اچي پنهنجو ڪلهو آڏو ڪري ڏنائين پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن سندس ڪلهي تي پير ڏئي ٻيو پير عرش مبارڪ تي وڃي رکيائون، اتي کين اَنَا غَيُورٌ وَاللّٰهُ اَغْيَرُ مِنِّيْ (آئون غيرت مند آهيان پر الله تعاليٰ سيني کان وڌيڪ غيور آهي.) موجب البت غيرت جو غبار دل تي اچي ويڻو ته هي ڪير آهي؟ جو هيڏي درجي سان سرفراز ڪيو ويو آهي، ته ايتري ۾ الله سبحانه و تعاليٰ جي طرفان خطاب آيو ته اهو نينگر شيخ عبدالقادر جيلاني

اٽيئي، (جو تنهنجي ئي اولاد مان پيدا ٿيٽو آهي)، تڏهن سندن اها غيرت فرحت سان مٽجي وئي.حضرت شيخ عبدالقادر قدس سره فرمايو ته اهو قدم پيڙهي به پيڙهي ابن ڏاڏن کان ونئي ڪري اسان کي نصيب ٿيندو اچي ۽ اهو قدم ڏيڻ اسان ۾ متابعت آهي، پر ايجان ڪنهن به مريد تي صادر نه ٿيو آهي، اسان جي دل ۾ خيال ٿو اچي ته جيڪر اهو قدم اوهان جي ڪنڌ تي رکون، حضرت ميان صاحب قدس سره جن فرمايو ته پوءِ پاڻ اسان جي ڪنڌ کي قدم رکڻ سان مشرف ڪيائون، پير سائين قدس سره جن فرمائن ٿا ته جڏهن آئون ۽ ميان مرتضيٰ علي شاهه ٻئي ڇٽا ڪوٽڙي ڪبير ۾ ظاهري علم جي پڙهڻ ۾ مشغول هئاسون تڏهن حضرت ميان صاحب جن قدس سره اتي آيا ۽ مون کي فرمايائون ته اسان جي دل جو لاڙو سيني پٽن مان اوهان ڏانهن زياده مائل آهي، تنهن ڪري پاڻ قدم مبارڪ اسان جي ڪنڌ تي ڏنائون ۽ هينئر وري اسان جي محبت سيني خليفن مان تو ڏانهن زياده آهي، تنهن ڪري چوان ٿو ته مٿيون قدم تنهنجي ڪنڌ تي رکان، پوءِ پاڻ مون کي ويهڻ جو امر فرمايائون جو حڪم موجب ويهي رهيس،پاڻ پنهنجي مٿي مبارڪ تان دستار شريف جا ٻڌل هئي سا لاهي منهنجي مٿي تي رکيائون ۽ هن مسڪين جي ڪنڌ کي قدم مبارڪ جي رکڻ سان مشرف ڪيائون، اڄ ڏينهن تائين اها دستار سندن هٿن مبارڪن جي ٻڌل مون وٽ تبرڪ طرح رکيل آهي.

وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ (البقره : ١٠٥)

ترجمو: الله سبحانه وتعاليٰ جنهن کي وٽيس تنهن کي پنهنجي رحمت سان خاص ڪري ٿو ۽ الله تعاليٰ وڏي مهرباني وارو آهي.

نقل29: فيروز فقير نظاماٽي نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون درگاهه مبارڪ تي سندن خدمت سڳوري ۾ حاضر هوس، سومهياٽي نماز ڪانپوءِ پاڻ جڏهن حاويلي مبارڪ ڏانهن تشريف پي فرمايائون تڏهن مون کي فرمايائون ته باغيچي ۾ اچجانءِ ته توسان ڪا صلاح مصلحت ڪرٽي آهي، فيروز فقير ٿو چوي ته سندن فرمودي مبارڪ جي خوشي ۾ فرحت پاران آئون انهي ئي مهل باغيچي جي دروازي تي وڃي سندن انتظار ۾ ويهي رهيس، اها رات مهيني ذوالحج جي ١٨ تاريخ ١٢٣٣هه هئي، جڏهن اڌ رات لڙي تڏهن پاڻ تشريف فرما ٿي باغيچي ۾ رونق افروز ٿيا، آئون يڪدم وڃي سندن خدمت سڳوري ۾ حاضر ٿيس۽ سندن ڏسٽ سان اهڙي ته خوشي ۾ فرحت حاصل ٿي جو قلم کي ڪا طاقت ڪانهي جو هڪ ذرڙو به ان خوشي جو بيان ڪري سگهي. ان وقت هن دنيا جي تفرقي ۽ جدائي بابت جا ضرور ٿيٽي آهي، دل ۾ خيال اچي ويو، تڏهن هي سنڌي بيت سندن اڳيان پڙهيم:

اڳي آئون مَ مران، پوءَ مَ پرين ري
اسان ۽ پريان، هون برابر ڏينهڙا

پوءِ ڪولي عرض ڪيم ته حضرتا! هن جهان مان رحلت ڪري هلڻ ضروري امر آهي ۽ اسان

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مريدن کي اوهانجي رؤيت شريف جي نعمت ۽ صحبت سگوري جي دولت اهڙي ته حاصل آهي جو ٻنهي جهانن جون نعمتون ان سان برابر نه ٿي سگهنديون. خدا تعاليٰ شال نه ڪري جو هن جهان ۾ اسين ديدار فرحت آثار جي فراق ۾ گرفتار ٿيون، پاڻ گهڙي ڪن صبر ڪري پوءِ فرمايائون ته انهي ڪم ۾ اسان جو ڪو اختيار ڪونهي پر تنهنجي اچڻ وقت جو اسان کانپوءِ ٿيندو. اسان تنهنجي آجيان ۽ احوال پرسي لاءِ تو وٽ ايندا سون. پوءِ پاڻ ايندڙ سال رجب جي پوئين تاريخ شعبان جي چند رات ۱۳۳۴ ھ ۾ هن جهان فاني مان لاڏاڻو ڪري جنت الفردوس ۾ آرامي ٿيا. انالله وانا اليه راجعون

نقل30: خليفو جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر پاڻ ڪچ ملڪ جي سفر تان موٽندي ڳوٺ منڱي واقع پرڳٽي نوت ۾ ڪناري ٽر جي منزل انداز ٿيا هئا. اتي مون کي حڪم فرمايائون ته توهين شهر نٽي ۾ وڃي مريدن کي صحبت ڪرائي پوءِ موٽي اچو. تڏهن مون ۽ ٻين رفيقن خدمت اقدس ۾ عرض ڪيوسون ته حضرتا! اتان جا ماڻهو صاحب علم آهن ۽ آئون اڻ پڙهيل آهيان. تنهن ڪري اوڏانهن حقائق آگاهه قاضي عبدالرحمان کي روانو فرمايو. پاڻ وري به فرمايائون ته آئون ٿو چوان ته اوڏانهن روانو ٿي وڃ ۽ ٻين سڀني کي پاڻ جواب ڏنائون ته قاضي هتي هجي ۽ اوڏانهن خليفو ويندو.

نقل31: خليفو جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر پاڻ ڪچ جي سفر ۾ ديهه ڦولائي واقع پرڳٽي پاؤر ۾ متو فقيرن جي دعوتن تي تشريف فرما ٿيا هئا. اتي نوان مريد تمام گهڻي تعداد ۾ بيعت پذير ٿيا ۽ انهن جي صحبت لاءِ سندن حضور مبارڪ ۾ عرض گذاريو پوءِ جڏهن آئون پنهنجي ڏاڏي رحمة الله عليه جي قبر جي زيارت کان جنهن لاءِ سندن حضور مان رخصت ياب ٿي ويو هوس، موٽي اچي مٽئين ديهه ۾ حاضر ٿيس، تڏهن ڏٺم ته پاڻ اتان سوار ٿيا اچن ٿا. ان وقت پاڻ هٿ مبارڪ جو اشارو مون ڏانهن ڪري انهن متن فقيرن کي فرمايائون ته اوهين هن خليفي سان صحبت ڪندا رهجو ۽ مون کي به امر فرمائون ته انهن فقيرن کي صحبت ڪرائيندو رهان.

نقل32: سيد غني شاهه نقل ڪري ٿو ته هيڪر مون سندن حضور مبارڪ ۾ ڪافيون وينڱي چيون ۽ ان وقت مون تي درد ۽ سوز جو بالڪل ڏاڍو غلبو هو. جنهن ڪري ڪافيون پي پڙهيم ۽ رنس به پي. پاڻ به اکين مبارڪن مان لڙڪ وينڱي وهايائون ۽ پي جماعت به سموري روڄ ، وجد ۽ حال ۾ اچي ويئي هئي. پوءِ جڏهن ڪافي چئي پوري ڪيم. تڏهن پاڻ هن غلام کي سڏ ڪري ٻانهن مبارڪ مٿي کٽي ڀاڪر ۾ ورتائون ۽ فرمايائون ته هن کان اڳ گهوڙو واڳ چنايون بنا سوار جي پي ڦريو. پر هينئر سوار جي هٿ ۾ آيو آهي. شاهه صاحب ٿو چوي ته سندن انهي فرمائش وقت سندن صورت جي مون تي تجلي ٿي ۽ اهڙو ته غلبو ڪيائين جو جيڏانهن پيو نهاريان اوڏانهن سندن صورت مبارڪ جو مشاهدو پي ڏٺم:

در و ديوار من آئينه شد از كثرتِ شوق
هر كجا مى نگرم روئے ترا مى بينم

يعني : منهنجون پٽيون در دروازا سيئي شوق جي زيادتي پاران آئينو بڻجي پيا

سكندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

آهن، جو جيڏانهن ٿو کٽي نهاريان اي محبوب! تنهنجو ئي تنهنجو منهن پيو ٿو ڏسان.

نقل33: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ مرشد ڪامل جي توجهہ جو فيض انهي نانگ جي زهر مثال آهي، جنهن حضرت امير المومنين ابوبڪرصديق رضي الله عنه کي ڏنگ هنيو هو،جڏهن حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم سان گڏجي ڪافرن جي ايذاءَ پاران غار ۾ وڃي مخفي ٿيا هئا،پوءِ جڏهن حضرت امير المومنين رضي الله عنه وصال پي ڪيو تہ انهي زهر جو اثر ان وقت سندن وجود ۾ پيدا ٿي پيو، اهڙي طرح فيض مرشد ڪامل جو مريد کي پيدا ٿي تہ يڪدم پوندو، نہ تہ موت جي وقت تہ ضرور بالضرور انهي زهر وانگر ظاهر ٿي پوندو.

نقل34: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو تہ هيڪر آئون سندن حضور مبارڪ ۾ درگاهہ شريف تي حاضر هوس، انهن ڏينهن ۾ فاقا تمام گهٽا هئا، حضور جن جو قاعدو هوندو هو تہ جڏهن حاويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرما ٿيندا هئا، تڏهن اترين پت جي طرفان جيڪو ڏيوڙي کان دريچو هوندو هو، ان کان بيهي فقيرن ڏانهن منهن ڪري هر هڪ فقير جي حال جي پرسش ۽ جاچا ڪري پوءِ حاويلي شريف ڏانهن اسرندا هئا، هڪڙي ڏينهن پاڻ حاويلي مبارڪ ڏانهن پي ويا، پوءِ اڳين جاءِ تي دستور موجب بيهي مون کي پاڪر پاتائون ۽ هٿ مبارڪ منهنجي سيني ۽ پيٽ تي ڦيرائي ڪمال شفقت سان فرمايائون تہ اي ادا! هن جسم کي فاقن، سان لاغر ۽ ضعيف ڪندا تہ پوءِ روح کي تازو ۽ ٽلهو ڪندا.

نقل35: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو تہ مون کي پهريان طلب وارن ڏينهن ۾ حالت ۽ وجد تمام گهٽو هوندو هو، جو اڪثر ڪري جوش مان حضرت مرشد مربي قدس سره جي مٿان وڃي ڪري پوندو هوس، پوءِ پاڻ شفقت سان هٿ مبارڪ منهنجي سيني تي مهٽي فرمائيندا هئا تہ اي ادا! توکي مون ۾ گمان آهي، جنهن ڪري مون تي ٽپا ڏيئي ٿو ڪرين، هت جيڪي آهي سو مڙوئي تنهنجو آهي.

نقل36: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ ٽنڊي مير باگي ٽالپر جي ۾ بهادر فقير ٽالپر جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا ۽ اتي مثنوي معنوي جون حقيقتون ۽ معنائون بيان ويني فرمايائون. ان وقت بهادر فقير ٽالپر عرض ڪيو تہ حضرتا! اوهان جي صحبت سڳوري نهايت وڏي دولت آهي، پر ڇا جو اسان کي دنياوي تعلقات ۽ پنڌ جي پرانهائي صحبت کان روڪي وڏو اٽن، پاڻ فرمايائون تہ اوهان پراهون پنڌ ڇو ٿا ڪيو. اسان اوهان کي تمام ويجهڙي صحبت ڏيکاريون ٿا، تڏهن انهن احسان مند ٿي عرض ڪيائون تہ اها تہ واهہ جا پلائي.پوءِ پاڻ مون ڏانهن هٿ مبارڪ جو اشارو ڪري فرمايائون تہ جيڪڏهن اوهان کي اسان جي صحبت لاءِ خيال ٿئي تہ هن خليفي سان صحبت ڪندا ڪريو تہ اها صحبت ساڳي اسان جي صحبت آهي.تڏهن انهن عرض ڪيو تہ حضرتا! خليفي کي امر فرمايو تہ اسان کي اچي صحبت ڪرائي، پاڻ فرمايائون تہ هو پاڻهي اوهان وٽ کو نہ ايندو پر ڪيس دعوت ڪري وڃي ايندؤ تہ پوءِ اوهان کي اچي صحبت ڪرائيندو، نہ تہ از خود اوهان وٽ نہ ايندو.

نقل37 هيڪر پاڻ ڪچ ملڪ ڏانهن تشريف فرما ٿيا هئا، پوءِ سيد ميان مرتضيٰ شاهہ جي دعوت تي ڳوٺ پانڊي ۾ منزل انداز ٿيا،انهيءَ سيد سڳوري جو والد سيد دائود شاهہ نالي ڏاڏو قابل ۽ فصيح

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

عالي همت ۽ صاحب دل، لواري وارن بزرگن جو مريد هو، جيڪو نقشبندي طريقي جو سنڌ ۾ مشهور خاندان آهي، پاڻ فرمايائون تہ سيد دائود شاھ چگّو ماڻهو آهي، اتان جي ماڻهن عرض ڪيو تہ حضرتا! سيد سڳورو آهي تہ چگّو پر نماز اصل نہ ٿو پڙهي. پاڻ فرمايائون تہ نماز نہ ٿو پڙهي تہ بہ آخرت ۾ ڪنهن نہ ڪنهن وسيلي سان ڪيس بخشيش ڪندا. ان ڪانپوءِ سندس پٽن مان جيڪڏهن ڪو بہ نماز لاءِ يا ٻي ڪنهن وجهہ سان ساڻن چوڻ آکڻ ڪندا هئا تہ کين جواب ڏيندو هو، حضرت پير سائين جن کان ڪو نہ پڏو هو تہ دائود شاھ کي قيامت جي ميدان ۾ ڪنهن نہ ڪنهن وسيلي سان مڙئي معافي ٿي ويندي، سندن اهو فرمودو مبارڪ مون لاءِ قوي سَند آهي.

اي عزيز ! مٿيون سيد سڳورو اهل دل وارن وٽ مقبول ۽ مخلص هو، ڇو تہ ويساھ ۽ سچائي ۾ ساڻس ڪو بہ مٽ ڪو نہ ٿي سگهيو ٿي.

نقل38: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ قاسم فقير لوهر جي دعوت تي جو ساڻس اڳي انجام ٿيل هو، تيار ٿيا، پر بي اختيار اتفاق سان پاسو ونيو هن فقير يعني خليفي جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ جي دعوت تي اڇي نڪتا، قاسم فقير ويچاري دعوت لاءِ التجا ڪيائين، پاڻ ڪيس ٿورو دلاسو ڏنائون ۽ پنهنجي منهن مون کي فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪنهن طرح سان قاسم فقير جي دعوت سندس رضامنديءَ سان موقوف ٿي وڃي تہ ڏاڍو چگّو، مون عرض ڪيو تہ حضرتا! هو جوشيلو فقير آهي، ڪٽي ٿو مڙي پاڻ فرمايائون تہ اسين بہ تو سان همراھ ٿيندا سون، پوءِ مون سندن حضور مبارڪ ۾ قاسم فقير کي چيو تہ ادا ! دعوت مان مقصود آهي مرشد جي رضا طلبي، هيڪر حضرت پير سائين جن کي پوئتي موٽڻ جي تڪليف نہ ڏئي، جو هيترو پنڌ وري پوئتي موٽي هلن، سا کين ڏکيائي ٿيندي، تون راضي ٿي کين موڪل ڏي، قاسم فقير اها گالهہ قبول نہ ڪئي، بلڪ جوشائتا لفظ چوڻ لڳو، ان وقت پاڻ بہ ڪيس فرمايائون تہ اي قاسم! هينئر اسان کي معاف رک، ائين چوڻ شرط ڪيس جوش اچي ويو ۽ وجد جي حالت ۾ مٿان ٿي اچي ڪريو، پوءِ پاڻ رحم فرمائي ڪيس چيائون تہ تون دلجاءِ ڪر، تنهنجي دعوت قبول آهي

نقل39:جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر آئون درگاھ مبارڪ تي سندن حضور پرنور ۾ حاضر هوس، ان وقت نظاماٹي فقيرن رهندڙ ديهہ بهادر نظاماٹي ۽ ديهہ قيصر نظاماٹي واقع پرڳٹي چاڪر هالي جي طرفان عورتن جا ڪجاوا زيارت لاءِ درگاھ مبارڪ تي پرجي آيا هئا، پوءِ هڪڙي ڏينهن پاڻ صبح جي وقت نماز ادا ڪري،خلاف عادت جي حرم سرا ۾ وڃي قرآن شريف جي تلاوت فرمايائون، نہ تہ هميشہ سندن دستور هو تہ قرآن شريف جي تلاوت فقيرن جي جماعت وٽ مسجد شريف ۾ فرمائيندا هئا ۽ انهي ڏينهن پاڻ وري پيهري نماز تي مسجد شريف ۾ تشريف فرمايائون، ان ڏينهن سندن پرپٽ مون فقيرن جي جماعت ۾ هي لفظ چيا هئا تہ 'اسين سندن صحبت ۽ زيارت جا سڪايل رڳو صحبت مبارڪ لاءِ درگاھ مبارڪ تي آيا آهيون، سائين جن اڇ رويت شريف کان بہ

مشرف نہ فرمايو اٿن‘ پوءِ هڪڙي شخص هن فقير جا اهي چيل لفظ سندن ڪنن مبارڪن تائين پهچايا، پوءِ ٻئي ڏينهن سارو ڏينهن مشتاقن کي پنهنجي ديدار فرحت آثار سان مسجد شريف ۾ خوش خورم فرمايائون ۽ صحبت مبارڪ سان فقيرن جي دلين کي فرحت بخشيائون، پوءِ جڏهن وري اندر حرم خاني ڏانهن تشريف فرما ٿيا، تڏهن نظاماٽي فقيرن جي اندرين ماڻهن جي زيارت لاءِ آيون هيون،سندن خدمت ۾ عرض گذاريائون تہ حضرتا! اسان قيديائين کي جو کيتري مدت کانپوءِ ايلازن منڻن کانپوءِ رڳو ٻن ٽن راتين لاءِ چائنڊ چمڙ جي اجازت ملي آهي، سو هت سارو ڏينهن اوهان جي زيارت ۽ صحبت مبارڪ جي سڪ ۾ گذري ويو ۽ اوهين سڄو ڏينهن مسجد شريف ۾ فقيرن وٽ گذاري ٿا ڇڏيو، پاڻ جواب ۾ خاص طرح مون تي مهرباني ۽ ٻاجهہ فرمائي کين ٻڌايائون تہ ڪالهہ خليفو (يعني جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ) ٻہ اوهان وانگر اهڙا ئي لفظ پيو چوي، تنهن ڪري اڄ فقيرن جي صحبت ۾ هئاسون.

نقل40: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر نظاماٽي فقيرن رهندڙ ٽنڈي بهادر خان وارن جي اهل عيال سان ڪجاوا پرجي درگاهہ مبارڪ تي ويا هئا ۽ منهنجي پڦي ٻہ حضور جن جي مريديائي هئي، ساڻن گڏ هئي، پوءِ اتي منهنجي پڦي سندن حضور ۾ عرض گذاريو تہ حضرتا! مون کي ارادو آهي تہ جيڪر خليفي جي لاءِ مهر ٺهرائي وڃي، جهڙي طرح حڪم ٿئي اهڙي طرح ٺهرايون، پاڻ فرمايائون تہ ڪاغذ جو ٽڪرو ۽ مس ڪٽي اچو، جڏهن ڪاغذ ۽ مس ڪٽي آيا، تڏهن پاڻ مهر مبارڪ هٿ مان لاهي ڪاغذ تي هٽي ڏنائون ۽ فرمايائون تہ هن طرح مهر وڃي ٺهرايو، پوءِ منهنجي پڦي ساڻي اهڙي ئي مهر ميان احمد خان نظاماٽي جي وساطت سان ٺهرائي آٽي ڏني. خليفو ٿو چوي تہ مون اها مهر پاڻ وٽ تبرڪ رکي ڇڏي، جو ايان تائين مون وٽ رکيل آهي ۽ ٻي انهي جهڙي مهر پنهنجي نالي تي ٺهرائي لک پڙهہ ۾ استعمال ڪندو رهندو آهيان.

نقل41: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ مسجد شريف جي پٽر وجهڻ لاءِ گاهہ وڍڻ واسطي درياءَ جي ڪناري سان بني جي طرف هليا هئا ۽ ٻيا فقير ٻہ سندن خدمت بابرڪت ۾ هئا، ڏاڏو منهنجي هٿ ۾ هو، جنهن سان گاهہ پئي وڍيم، پاڻ فرمايائون تہ تو ڪڏهن ٻہ گاهہ ڪو نہ ڪيو آهي، مون کي ڏي تہ تنهنجي ۽ پنهنجي ٻيئي ٻريون ڪري وڻان، مون ڏاڏو سندن هٿ مبارڪ ۾ ڏنو، پاڻ گاهہ جون ٻئي ٻريون لٽي ورتائون تہ ايتري ۾ فقير محمد وارث مجذوب رهندڙ ديهہ آبڙيجي واقع پرڳڻي لاکات جو ٻہ اتي آيو ۽ چيائين تہ حضرتا! منهنجي لاءِ ٻہ هڪڙي ٻري گاهہ جي ڪجو، پاڻ ان کي ٻہ ٻري لٽي ڏنائون ۽ پاڻ پنهنجي ٻري مٿي تي کٽي فقيرن جي جماعت سميت روانا ٿيا، جڏهن پير مسافر جي مقبري کان جو درگاهہ مبارڪ کان ويجهڙو آهي، لانگهائو ٿياسون، تڏهن محمد وارث مجذوب پنهنجي ٻري کٽي حضرت پير سائين جن قدس سرہ جي ٻريءَ مٿان آٽي رکيائين ۽ ڏاڏيان چوڻ لڳو تہ ’اسان کان بار نہ کنيو ٿيو بار مڙئي اوهان جي مٿان آهي‘ پاڻ اهي ٻئي ٻريون مسجد شريف تائين کنيو آيا.

اي عزيز ! هي مڙئي سندن ڪمال ۽اجهه ۽ مهرباني مريدن دامنگيرن جي حال تي هئي.

نقل42: جامع مفلوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته جڏهن مون خليفي عباس رحمۃ اللہ علیہ کي تلقين جي اجازت ڏني، تڏهن هڪڙي مريد حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حقيقت خلاف واقعي جي وڃي عرض گذاري ۽ اتان تلقين جي اجازي جي نه بحال هجڻ بابت حضرت پير سائين جن جي طرفان خط لکرائي آيو. پوءِ جڏهن آئون سندن قدمبوسي جي نعمت کان مشرف ٿيس، تڏهن سندن خدمت اقدس ۾ خليفي عباس جي لاءِ تلقين جي اجازت بابت عرض ڪيم! پاڻ فرمايائون ته توهان خليفي عباس جي اجازي ڏيڻ بابت اسان کي ڪو به اطلاع ڪو نه ڏنو هو ۽ اهو خط ميان قابل شاهه لکرائي موڪليو هو، هينئر تنهنجو اجازو عين اسان جو اجازو آهي، پڪ آهي ته اوهان ڪنهن ناقص کي تلقين جو اجازو ڪو نه ڏيندؤ.

نقل43: خليفو صاحب جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر آئون درگاهه مبارڪ تي سندن حضور ۾ حاضر هوس، پوءِ جڏهن موڪلائڻ جو ارادو ٿيو، تڏهن موڪلائڻ مهل مسجد شريف ۾ سندن هٿ مبارڪ پنهنجي هٿ ۾ ونڌي رخصت گهريم، پاڻ ائين ئي منهنجو هٿ پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ ونڌي اٿي ڪڙا ٿيا ۽ فرمايائون ته تو سان اوطاق وٽ هلي موڪلائينداسون،پوءِ جڏهن پاڻ مسجد شريف جي وڏي دروازي وٽان آيا، تڏهن مون سندن هٿ مبارڪ مان ونڌي عرض ڪيو ته حضرتا! جيڪڏهن هن کان اڳتي اوهان هڪ وڪ به هلندو ته هن فقير کي نه هوش سالم رهندو، نه ڪو لنگڻ تي ڪپڙو، تڏهن پاڻ اتي بيهي رخصت فرمايائون، پوءِ سندن برڪعي متائڻ کانپوءِ صاحبزادي سڳوري مسند نشين قدس سرہ اللہ جي روش مبارڪ به اهڙي طرح هئي ته موڪلائڻ مهل هروپرو به اوطاق تائين گهوڙي تي سوار ٿيڻ بعد هن مسڪين جو موڪلائڻ سان عزت افزائي فرمائيندا هئا،پوءِ پوئين پيري جو ان کانپوءِ پاڻ وصال فرمايائون، هي فقير کانئن رخصت ياب ٿي آيو ته پوئتان حضرت پير سائين پڳ ڏٽي قدس سرہ اللہ ۽ صاحبزادي والاتبار ميان علي حيدر کي موٽو خدمتگار سان گڏ هن فقير جي اوطاق تي موڪلائڻ لاءِ روانو فرمايائون جو اوطاق تي اچي هن عاجز سان احسان ۽ عنايت فرمايائون ۽ حسن فقير ابڙي بابت سفارش ڪري سندس هٿ پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ ونڌي هن عاجز جي هٿ ۾ ڏنائون.

نقل44: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر ٽنڊي بهادر خان نظاماڻي ۽ ٽنڊي قيصر فقير نظاماڻي وارن نظاماڻي فقيرن جي طرفان ڪجاوا پرجي درگارهه مبارڪ تي آيا هئا، پوءِ اتي ننڍڙا ٻار جي ڪجاون سان گڏ آيا هئا، سي در جي ٻاهران ويهاري پاڻ اندر لنگهي ويا، ٻئي ڏينهن جڏهن پاڻ صبح جي نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ قرآن مجيد جي تلاوت ۽ دلائل الحيرات ۽ ٻين وظيفن پڙهڻ ۽ شراق جي نفلن ادا ڪرڻ کان فارغ ٿيا، تڏهن اندر حرم خاني ڏانهن تشريف فرمايائون، دروازي تي اهي ٻار بينل ڏنائون، پاڻ مڙني کي پنهنجي هٿ مبارڪ سان ونڌي اندر حاويليءَ ۾ اچي ڇڏيائون، تڏهن هڪ اهل پردي وارن مان عرض ڪيو ته حضرتا! هن کان اڳ ڪير ڏائڪ ٻار ڪانسواءِ ٻي ڪنهن کي به اندر اچڻ جو اجازو ڪو نه هو، اڄ ڪهڙو سبب آهي جو هنن ٻارن کي اندر ونڌي آيا آهيو؟ پاڻ شفقت جي پاران

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جواب فرمايائون تہ هي بہ اسان کان پرهيز نہ ڪندا آهن، اها خصوصيت پاڻ رڳو متين نظاماڻي فقيرن سان رکي هئائون، پي ڪنهن سان بہ اها رعايت ڪا نہ هئي.

نقل45: فقير گل محمد ڇچر نقل ڪري ٿو تہ جمعي جي ڏينهن بارگاهہ مبارڪ تي رسم هوندي هئي تہ هڪڙو فقير پڙهي وانگر اتي هوڪو ڏيندو هو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي الله تبارڪ و تعاليٰ جو ذڪر پڇڻو هجي تہ هلي اچي. پوءِ هڪڙي جمعي تي فقير اتي متيون هوڪو ڏنو، تڏهن هڪڙي شخص چيو تہ آئون مڙس واري آهيان، يعني تہ ٻئي مرشد جو مريد آهيان، پاڻ ان لفظ ٻڌڻ شرط فرمايائونس تہ هڪڙو يار بہ تہ ڪري ڏس. هو شخص انهي لفظ ٻڌڻ سا ن ڪلام مبارڪ جي تصرف ڪري انهي وقت اچي تلقين جي شرف سان مشرف ٿيو.

نقل46: صوبو فقير مري نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ فرمايائون پئي تہ هن کان اڳين مشائخن وٽ جيڪي طالب ايندا هئا، سي پنهنجا ٿانو گندگي ۽ ڪن کان ڌوئي صاف ڪري ايندا هئا، پوءِ مرشد سندن ڌوتلن ٿانون ۾ معرفت جو شراب وجهندا هئا ۽ اسان جيڪي گڏ ڪيو آهي، سو ڪلئي ڪن ۽ گندگي هئي، جنهن کي الله تبارڪ و تعاليٰ سون خالص فرمائي ڇڏيو آهي. وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى ذَالِكَ.

نقل47: فقير عبدالله ويڙل شهر نٽي نگر جو چوي ٿو تہ سندن پوئين (وصال واري) مرض ۾ درگاهہ مبارڪ تي ويا هئاسون،پاڻ اندر حاويلي مبارڪ ۾ آراميل هئا، فقير تمام گهٽا قدمبوسيءَ لاءِ صاحبزادي والاتبار ميان هدايت الله شاهہ رحمۃ اللہ علیہ سان گڏجي اندر وڃي زيارت کان مشرف پي ٿيا، سپ ڪوئي ماڻهو سندن هٿ مبارڪ چمندو پي ويو، صاحبزادي سڳوري البت حضور جن جي تڪليف جي خيال ڪري هٿ چمڻ کان منع پئي ڪئي، پاڻ اکيون مبارڪ بند ڪيو آرام ۾ هئا، مون کي سندن موڪلاڻي جي درد کان هٿ چمڻ جي توفيق ۽ حوصلو نہ ٿي سگهيو، تنهن ڪري اتي بيهي منهن مبارڪ ڏانهن نهارڻ لڳس تہ ايتري ۾ پاڻ اک مبارڪ کولي فرمايائون، اي عبدالله! هن ڀيري دير ڪري آيو آهين؟ ڀلي ڪري آئين جيءُ آئين.

نقل48: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ جڏهن پاڻ مون مسڪين کي دستار شريف جي انعام اڪرام سان جو پنهنجن هٿن مبارڪن سان پنهنجي سر مبارڪ تان ئي ائين ٿهيل دستار ئي ڪٽي هن عاجز جي متي تي رکي جهان ۾ ممتاز ۽ مڪرم فرمايو هئائون، تڏهن بعض ماڻهن ۾ ريس ۽ حسد کان وڏي شورش پئجي وئي هئي، پوءِ هيڪر خليفو ميان سلطان رحمۃ اللہ علیہ درگاهہ مبارڪ تي آيو هو ۽ سندن حضور مبارڪ ۾ عرض ڪيائين تہ حضرتا! مريد کي پنهنجي پير جي ترڪي ۾ حصو آهي يا نہ؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ هائو، مريد پنهنجي مرشد جي ترڪي ۾ پائيوار آهي پر معنوي ۽ باطني ترڪي ۾ ، نہ هن ظاهري ۽ صوري ترڪي ۾ .

نقل49: محمد صالح فقير رهندڙ ديهہ بابڙي واقع پرڳٽي بنوري جو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون پن ٽن فقيرن سان گڏجي درگاهہ مبارڪ تي ويو هوس، پوءِ اتي درگاهہ مبارڪ تي زيارت کان بعد ست

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اٽ ڏينهن ٽڪي پيس، هفتي کن کانپوءِ هڪڙي ڏينهن پاڻ ڪنهن ديهه ۾ دعوت وٺڻ جي ارادي سان تشريف فرما ٿيا هئا ۽ صاحب دعوت جو حق ادا ڪري واري انهي ئي ڏينهن درگاهه مبارڪ تي موٽي آيا ۽ آڻون پين ٻن ٽن فقيرن سميت اتي دعوت واري هنڌ رات ٽڪي پياسون، پوءِ جڏهن صبح ٿيو تڏهن وري موٽي درگاهه مبارڪ ڏانهن روانا ٿياسون، واٽ تي مون پين فقيرن سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ظاهر ڪيو ته اڄ آڻون حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض رکندس ته جيڪڏهن ڪا شيءِ نصيب هجي ته مرحمت فرمايو نه ته آڻون موڪلائي وڃان ٿو! پوءِ جڏهن مسجد شريف ۾ آياسون ان وقت پاڻ مسجد شريف جي اڳڻ ۾ ڪٻڙ جي وڻ هيٺان وينا هئا ۽ حديث شريف منجهان مضمون بيان ڪري وينو ٻڌايائون،مون کي ڏسڻ شرط وعظ کان مات ڪري فقيرن ڏانهن نظر ڪري فرمايائون ته پنهنجو ويساهه ۽ عقيدو محڪم ۽ درست رکڻ ڪپي، ڇو ته ڪن مهمانن کي اول ۾ ڪارائبو آهي ۽ ڪن کي پڇاڙي ۾.

محمد صالح فقير چوي ٿو ته سندن انهي ڪلام مبارڪ ٻڌڻ سان منهنجي دل مان جيڪي به وسوسا ۽ بي فائدا خيال خطرا ۽ دل جي بي آرامي هئي سا بلڪل نڪري وئي ۽ تسلي طمانيت حاصل ٿي پئي، نيٺ جيڪي لهڻو هوم، سو نيئي لڏم. وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى ذَالِكَ.

اي عزيز ! مهمانن مان مراد آهي ته مريد جو ڪن کي فيض معنوي پهريان ئي عطا ٿيو وڃي ۽ ڪن کي وري پوءِ مرحمت ٿا فرمائن.

نقل50: محمد خان پٽ مسو خان نظاماڻي جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر ڪڇ ملڪ جي سفر ۾ حضرت پير سائين قدس سره جن جي ڪائڻ لاءِ طعام آڻي حاضر ڪيائون، پوءِ پاڻ ڪن مخصوص فقيرن کي طعام ڪائڻ مهل سڏرايائون ته گڏجي اچي ڪائن، پوءِ انهن مان جيڪو به فقير آيو پي انهيءَ کي پاڻ وٽ جاءِ پي ڏنائون. سلطان فقير نظاماڻي به انهي مجلس ۾ حاضر هو، جو اچي اتي وينو، پاڻ ڪيس پنهنجي پاڪر ۾ وڌي پنهنجي پرسان ڪٽي ويهاريائون ۽ هورڙيان سندس ڪن ۾ فرمايائون ته اڳي ڏُڪيڙياٽين زالن جي ٽانون مان مانيءَ جا ٽڪر وڌي ڪائي ويو هئين ۽ هينئر وري اسان کي ٿو پرهيز ڪرين؟ سلطان فقير ڳالهه پي ڪئي ته جڏهن شڪارياٽين عورتن وٽان ٽڪر وڌي ڪاڌا هيم، تڏهن مون کي توحيد جي حالت هئي ۽ انهي ڳالهه کي به ورهيه گذري ويا هئا،پاڻ ٻن ورهين کانپوءِ وري اها ڳالهه ياد فرمايائون.

نقل51: هيڪر پاڻ ديهه سهراب فقير وساڻ واقع پرڳڻي سماواتي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي عبدالرحيم فقير مجذوب اچي حضرت صاحبزادي مسند نشين اول قدس سره جي هنڌ تي چڙهي ويهي رهيو، ان وقت صاحبزادي سڳوري جي ننڍڙائي جو وقت هو،پوءِ خدمتگار،عبدالرحيم مجذوب کي منع ڪرڻ لڳا ته صاحبزادي سڳوري جي هنڌ تي نه ويهه! جو حضرت مرشد ڪريم پير سائين جن جا فرزند آهن، ادب ڪرڻ گهرجي، عبدالرحيم چيو ته آڻون به پير سائين جو پٽ آهيان ۽ اٽڻ کان صاف جواب ڏئي ڇڏيائين، ان بابت هڪ ٻئي سان گهٽي گفتگو ڪيائون جو نيٺ اها ڳالهه سندن ڪن مبارڪ تائين پهتي، پاڻ مرڪي فرمايائون ته مريد به مرشد جو اولاد آهي، جيڪڏهن مريد پنهنجي پير کي بابو

ڪري سڏي تہ درست آهي، پوءِ فرمايائون جنهن مريد پير کان تلقين ورتي، سو پٽ جي مثال آهي ۽ جيڪو مريد پير جي خليفي کان مشغول آهي اهو پوتي وانگر سمجهڻ گهرجي.

نقل52: طيب فقير راهوڪڙو رهندڙ ڪنڊڙيءَ جو نقل ڪري ٻڌايو تہ هيڪر سفر ۾ محب فقير وساڻ تي هڪڙي شخص مريدن مان اچي دانهن ڏني تہ حضرتا! محب فقير مجازي عشق پاران ماڻهن جي گهرن ۾ وڃي ٿو ويهي ۽ ڪافيون ٿو چوي، پاڻ انهيءَ وقت محب فقير کي گهرائي حاجي مريد کي حڪم فرمايائون تہ هن کي رسي سان ٻڌي ڇڏي، تڏهن حاجي مريد جو اٽيو سو وساڻ فقير جي هڪڙي ٻانهن ٻي ٻانهن تي رکي رسي سان مضبوط ۽ محڪم ڪري ٻڌائين، تڏهن حاجي ڪمال اٽي رسو سندس ٻانهن مان چوڑيو ۽ چيائين تہ حضرت پير سائين جن فرمايو آهي تہ هن کي رسن سان ٻڌي ڇڏيو، ائين تہ ڪو نہ فرمايو اٽن تہ ٻانهن ٻانهن تي چاڙهي سڪ ڪري ٻڌوس، پوءِ سندس هڪڙي هٿ ۾ ڏرڙو رسو ٻڌي ويهاري ڇڏيائينس، جو سڄو ڏينهن اتي وينو هو، پوءِ جڏهن رات جو سومهياڻي ذڪر ۽ نماز کان فارغ ٿيا تڏهن فرمايائون تہ محب فقير کي جو ٻڌرايو هوسون، تنهن جي ڇڏڻ بابت اسان کي ڪنهن بہ ڪو نہ چيو آڪيو؟ پوءِ وري فرمايائون تہ دوستيءَ جو طريقو ويو، تنهن ڪانپوءِ صاحبزادي والاتبار ميان ياسين شاهہ قدس سرہ ۽ ميان محمد شاهہ قدس سرہ کي جي حضور ۾ حاضر هئا، فرمايائون تہ توهان وڃي محب فقير کي وٺي اچو ۽ اسان کي سندس تقصير جي معافي بابت عرض ڪيو ۽ ان کي بہ ان ڳالهہ کان توبهہ تائب ڪري ڇڏيو.پوءِ صاحبزادن سڳورن وڃي ڪيس وٺي اچي حضور ۾ حاضر ڪيائون ۽ عرض ڪيائون تہ حضرتا! فقير جي تقصير معاف ٿئي! پاڻ محب فقير کي فرمايائون تہ توبہ ڪر، هن عرض ڪيو تہ حضرتا! مربيا! هن مهل توبهہ ڪري وري سياڻي انهيءَ خيال سان وڃي مبتلا ٿيان تہ ان توبهہ مان ڪهڙو فائدو، مون سان اهڙو ڪو ڪرم ڪيو، جو انهن بد خيالن کان ڇٽي پوان ۽ وري انهن ۾ گرفتار نہ ٿيان، تڏهن پاڻ سندن حق ۾ هٿ کٽي دعا فرمايائون.

نقل53: ساڳيو طيب فقير نقل ڪري ٿو تہ هيڪر ڏاتي فقير گهانگري حضور مبارڪ ۾ عرض ڪيوتہ حضرتا ! منهنجن عزيزن جون مينهون جو درياءَ جي پار وينل آهن، ظالم حاڪمن ناحق بنا سبب جي ڦري ورتيون آهن، تنهن لاءِ اوهان جي حضور مبارڪ ۾ دانهين ٿيو آهيان تہ ڪا مهرباني ۽ عنايت جي نظر فرمائي ان جو تدارڪ ڪري ڏيو، پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ان شاءَ الله تعاليٰ تو کي هڪڙو سفارشي خط حاڪمن ڏانهن لکي ڏينداسون، جنهن سان مينهون موٽائي ڏيندا، طيب فقير چوي تہ پاڻ انهي ڏينهن باغيچي ۾ سنوارت وينو ڪرايائون ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيو هئائون تہ ايتري ۾ ڏاتو فقير بنا موڪل جي دروازو کولي اندر باغيچي ۾ لنگهي ويو، مينهون فقير خدمتگار کيس منع ڪرڻ لڳو، پاڻ فرمايائونس تہ فقير کي ڪجهہ نہ چئو ۽ اچڻ ڏينس، جڏهن ڏاتو فقير خدمت سڳوري ۾ مشرف ٿيو تہ تڏهن چوڻ لڳو تہ " يار بہ چاکي سيبنڊ بہ اٽيي! پاڻ جواب ۾ فرمايائونس تہ اسان کي يار بہ مينهن موٽائڻ لاءِ ڪيئي؟ هن چيو تہ حضرتا ! انهي ڪم لاءِ نہ ڪيو اٿم، بلڪ جنهن ڪم لاءِ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪيو اٿم سو ڪيو اٿم.

نقل54: هيڪر پاڻ غلام فقير ٽالپر رهندڙ ديهه نڪتي واقع پرڳٽي روپاهه جي گهر زيارت ڪرائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا هئا،پوءِ جڏهن اتان اٿي اوطاقن ڏانهن پئي موٽيا، تڏهن ٽالپر مٽين جي اهلين پيرن مبارڪن تي نوڙي هٿ رکي عرض ڪيائين ته حضرتا!اوهين اسان جا پيءُ ماءُ آهيو،پاڻ فرمايائون ته هائو اوهين اسان جي نظري اولاد آهيو.

نقل55: سيد اميد علي شاهه رهندڙ ديهه خيرپور جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر مون سندس خدمت اقدس مان ڳوٺ وڃڻ لاءِ موڪلايو، پاڻ زبان مبارڪ سان فرمايائون ته ڇا لاءِ ٿو موڪلائين؟ عرض ڪيم ته حضرتا! قرڙيون ڏاڍيون نڪري پيون آهن سو چوان ٿو ته جيڪر ڳوٺ وڃي ڪوئي جلاب پيان. پاڻ فرمايائون ته تون لااله الاالله جو جلاب پي ڇڏ، موڪل نه ڏنائون، الله تبارڪ و تعاليٰ جي مهرباني سان اهو مرض يڪدم دفع ٿي ويو ۽ بلڪل صحت حاصل ٿي پئي. پر حقيقت ۾ منهنجي موڪلائڻ جو سبب هي هو جو انهن ڏينهن ۾ پاڻ لاڙ جي فقيرن تي بي ادبي ڪري شڪر رنج ٿي پيا هئا، پوءِ جڏهن پاڻ لاڙ جي سفر تان پوئتي روانا ٿي مسو فقير پرڳڙي جي ديهه ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن مون دل ۾ ارادو ڪيو ته سندن خدمت مبارڪ مان بي ادبي بابت معافي ونان، جڏهن رات ٿي تڏهن ذڪر شريف ۽ ياسين مبارڪ جي تلاوت ڪانپوءِ جماعت ڏانهن منهن مبارڪ ڪري فرمايائون ته اي يارو ! جنهن به مريد اسان جي بي ادبي ڪئي آهي، تنهن کي اسان معاف ڪري ڇڏيو، جيڪي حاضر آهن، توڙي غير حاضر، سيني کي معاف ڪري ڇڏيوسين، پاڻ اهو ڪلام مبارڪ ٿي پيرا موٽائي فرمايائون.

ڪنهن داناءُ چيو آهي ته:

چوں بديدم عفو تو عاصی طلب
عرصه عصيان گرفتم زين سبب

يعني: جڏهن تنهنجي رحمت ۽ بخشش کي گناهه طلبيندڙ ڏٺم، تڏهن انهي ڪري مون به گناهن جو ميدان وڃي ورتو.

رحمتش را تشنه ديدم بر گناه
آب ديده خويش را کردم پناه

يعني: الله سبحانه و تعاليٰ جي رحمت کي گناهن لاءِ ايجايل ڏٺم، مون پنهنجن اکين جي ڳوڙهن کي پاڻ لاءِ پناهه ڪئي.

نقل56: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر پاڻ مون کي تهليل شريف جي پڙهڻ جي ترغيب ۽ تحريص ڏياريائون، مون عرض ڪيو ته حضرتا ! مون وٽ تسبيح ڪانهي، پاڻ فرمايائون ته اسين تو کي تسبيح ڏيون ٿا، پوءِ يڪدم پاڻ حاويلي مبارڪ ڏانهن وڃي تسبيح مون کي آڻي ڏنائون ۽

فرمايائون تہ تسبيح کتل هئي، ٻن ٽن هنڌن تان ڏاڍا هٿ کيا اٿم، پوءِ سندن حڪم موجب تهليل پڙهڻ مقرر ڪري ڇڏيم، ڪجھ مدت کانپوءِ صلوات شريف جي پڙهڻ بابت امر ڪيائون،مون عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کي تهليل ئي کوڙ آهي، پاڻ فرمايائون تہ مڙس وڏا وڏا بار کڻي ٽا وڃن، تون ايترو بہ نہ ٽو کڻين.

نقل57: حسن علي ٽالپر نقل ڪري ٽو تہ هيڪر آئون سندن حضور مبارڪ ۾ وينو هوس ۽ منهنجي دل ۾ اچي خيال پيو تہ اسان کان ڪو بہ اهڙو ڇڪو ڪم ۽ موچارو عمل صادر ٿيو ئي ڪو نهي، جنهن جي ڪري آخرت ۾ ڪو ڇوٽڪاري جو آسرو ٿي سگهي. پاڻ انهي وقت منهنجي خيال جي موافق هڪڙو مثال بيان فرمايائون تہ صراف وٽ پئسا ڪرا توڙي ڪوٽا مڙئي پيا آڻين. پوءِ جيڪي ڪسوٽي تي ڪرا نڪرندا سي ونندا آهن پر جيڪي پئسا ڪرائي ۾ گهٽ ٿي پوندا آهن تہ بہ مالڪ انهن کي هٿان اڇلائي نہ ڇڏيندا.

اي عزيز! حضرت مرشد ڪريم جو درياءَ رحمت جا هئا، مٿين فرمودي ۾ اسان جهڙن بي ادبن ۽ بيڪارن لاءِ ضمان هجڻ جي خوشخبري عطا فرمائي ويا آهن. مثنوي معنوي ۾ ڪهڙو نہ سهڻو چيل آهي:

تو مگو مارا بداں شہ بار نیست
با کریماں کارِ ایں دشوار نیست

يعني :تون ائين نہ چئو تہ اسان جهڙا ان بادشاهہ بي پرواهہ جي دربار ۾ ڪٿي ٿا داخل ٿي سگهن، پر تہ ڪريمن جي مٿان کي بہ مشڪل نہ آهي، سندن ڪرم تمام گهٽو ڪشادو آهي.

نقل58: مهرو فقير ڇڇر نقل ڪري ٽو تہ هيڪر پاڻ نظاماڻي فقيرن جي دعوت تي ٽنڊي قيصر نظاماڻي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي آئون مير جام ٽالپر جي طرفان کين دعوت ڪرڻ لاءِ حضور ۾ حاضر ٿيو هوس، پوءِ ان وقت هڪڙو شخص اچي پيرن مبارڪن ۾ ڪري پيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! آئون مريد آهيان، پاڻ فرمايائونس تہ اي يار! عجب جهڙي ڳالهہ آهي جو مينهن جو هڪ ڏور آهي سا بہ پنهنجي ڦر کي سون جي وچان سجاڻي ٿي وجي ۽ انسان ڪامل کي ايتري بہ سجاڻپ ڪا نہ هوندي.

اي عزيز ! هو مريد ويچارو مبتدي ۽ اڻ واقف هو، جنهن ڪري پنهنجي بي سمجهي کان وهم ڪرڻ لڳو تہ شايد پاڻ مون کي نہ ٿا سجاڻن، انهي ڪري پنهنجي سجاڻپ واسطي عرض ڪيائين تہ حضرتا! آئون مريد آهيان، هن ويچاري کير ڏائڪ ٻار کي کهڙي خبر تہ مريد پير جو مظهر آهي ۽ سندس جزو آهي ۽ پير ڪل جي مثال آهي ۽ جزا سيئي ڪل ۾ موجود هوندا آهن ۽ ڪو بہ جزو ڪل کان مخفي نہ ٽو رهي سگهي، بلڪ عالم علوي ۽ عالم سفلي سمورا ئي ڪامل مرشد جا جزا آهن ۽ ڪو بہ جزو انهن عالمن جو لڪل نہ هوندو آهي.

نقل59:خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ حضرت صاحبزادي مسند نشين قدس سرہ کان نقل ڪري ٽو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر تي تشريف فرما ٿيا هئا، پوءِ اتي هڪڙي فقير اٹ هڪڙو منهنجي نالي تي سندن حضور

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مبارڪ ۾ نذر گذاريو، پاڻ اهو اٽ لاڙ ۾ وڪٽائي ڇڏيائون، جڏهن خير سان درگاهه مبارڪ تي تشريف فرما ٿيا، تڏهن هڪڙي ڏينهن هن فقير کي گهرائي فرمايائون ته اي بابا! تنهنجي نالي هڪڙو اٽ اسان وٽ آيو هو، جو اسان وڪٽائي ڇڏيو، هينئر تنهنجو اختيار آهي، جيڪڏهن اٽ گهرجيو ته بجنسي اٽ ڏياريون ۽ جيڪڏهن قيمت تي مرضي پويوَ ته اهي پئسا اوهان کي ڏيون. مون عرض ڪيو ته حضرتا! منهنجي مِلڪ کي به ڪينهي مڙئي سائين جن جي شيءِ آهي، پوءِ پاڻ فرمايائون ته اسان کي دل ۾ خيال ٿو اچي ته جيڪر هڪڙيون ٻه مينهون اصلي مينهن مان جي اسان ترڪ ڪيو هيون، جي فلاڻي زميندار وٽ آهن، اوهان کي خريد ڪرائي ڏيون، پوءِ پاڻ ٻه مينهون انهن مينهن مان خريد ڪرائي ڏنائون.صاحبزادي سڳوري ﷺ فرمايو ته هينئر جيڪي هي مينهون اسان وٽ آهن، سي سڀئي انهن جي اولاد مان آهن.

نقل60: علي خان ٽالپر نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ علي محمد فقير ٽالپر جي دعوت تي ڊگهڙي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي فرمايائون ته اسان جي مريدن جي جماعت مان جيڪي ذڪر فڪر سان مشغول آهن تن سان جيڪي باطني فيض جون قسمين قسمين نعمتون شامل آهن، سي ڪين معلوم آهن، جيڪي ڏسندا سي ڄاڻندا، باقي ٻيا مريد جي اسان جي طريقي ۾ ته داخل آهن، پر ذڪر فڪر سان اهڙي مشغولي ڪا نه اٿن، رڳو هڪڙي پيري اسان جي اڳيان گوڏا ڀيڄي وينا آهن، تن کي ٻه بالڪل خالي نه ڇڏينداسون.

نقل61: علي خان فقير لغاري نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ زيارت ڪرائڻ لاءِ هن مسڪين جي گهر کي مشرف ۽ منور فرمايو هئائون، پوءِ پاڻ گهڙي ڪن ويهي جڏهن اتان اٿيا، تڏهن اندرين ماڻهن ۾ روڄ، بيقراري ۽ دانهون پئجي ويون ۽ پاڻ ٻه وڪون اتي ٻيهي فرمايائون ته اي مائرو! اسين جيتوڻيڪ ظاهر ۾ پنهنجن مريدن کان پري آهيون، پر معنيٰ ڪري تمام ويجها ۽ ساڻن گڏ آهيون.

نقل62: علي خان ٽالپر نقل ڪري ٿو ته هيڪر لاڙ جي سفر ۾ آئون سندن خدمت پر سعادت ۾ حاضر هوس ته اتي نظر علي ٽالپر عرض گذاريو ته حضرتا ! آئون اگر چه مريد لواري وارن صاحبن جو آهيان، پر اوهان جي جناب اقدس ۾ ٻه مريدن وانگر معتقد ۽ ارادتمند آهيان، هن مسڪين جي حق ۾ ٻه توجهه جي مهرباني ٿئي، پاڻ ڪيس هڪڙو جامع جواب هن مثال جي اندر ڏئي ويا. فرمايائون ته جيڪا ٻه ڍڳي يا مينهن آهي سا ڪير ڏيڻ وقت پنهنجي قرڙي کي سڃاڻي ان لاءِ جيڪي ٻه ڪير سندس جسم ۾ هوندو، سو لاهي ايندي، پوءِ ان کان ٻيا ماڻهو ڪير ڏهي وٺندا آهن، باقي ٻي جي قر تي ڪڏهن ٻه سندس ٿڻن ۾ ڪير نه لهندو. ٻي هڪڙي وقت هن تمثيل جو تفصيل ۽ بيان هن طرح پئي فرمايائون ته قر مان مراد آهي ته مريد صاحب نسبت جو، اهو جنهن وقت پنهنجي مرشد جي حضور ۾ اٿو اچي ته سندن اچڻ ڪري مرشد جي دل خوشي ۽ فرحت ۾ پرجي ٿي وڃي ۽ پوءِ انهي مريد لاءِ غيبي علم ۽ الٰهي فيض مرشد تي وارد ٿين ٿا، جن کي مرشد انهيءَ مريد جي مٿان عطا فرمائيندو آهي ۽ انهي مريد جي طفيلون ٻيا

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حاضر مجلس جيڪي ماڻهو هوندا آهن سي به انهن نعمتن مان بهره ور ٿيندا آهن. جهڙي طرح ڪير ڏهندڙ، ڦر جي طفيلون ڪير حاصل ڪندو آهي پر جيڪڏهن ڪو اهل دنيا جو جنهن جي نسبت صاحب فيض سان ڪا به ڪا نه هوندي آهي، بزرگ جي حضور ۾ ايندو ته ان کي ضرور سندس طبيعت مبارڪ تي ملولائي پيدا ٿي پوندي، جنهن کي پين جي فيض جو دروازو بند ٿي پوندو.

مولوي معنوي قدس سره ڪهڙو نه چگو چيو آهي:

بے ادب تنہا نہ خود را داشت بد
بلکہ آتش در ہمہ آفاق زد

يعني : بي ادب نه رڳو پاڻ کي بيڙو ۽ خوار ڪيو، بلڪ پنهنجي بي ادبي جي شامت جي باھ ساري ملڪ ۾ هٽي ٿو ڇڏي، جو سڪن سان گڏ ساوا به سڙيو وڃن.

نقل64: عبدالله فقير رهندڙ شهر نٽي ننگر جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ ٻيڙيءَ تي سوار ٿيل هئا ۽ آئون سندن خدمت ۾ اڳيان وينو هوس، ان وقت منهنجي دل ۾ خيال آيو ته منهنجو نصيب الائي ڪهڙو چٽ آهي، جو سڄو جهان حضور جن جي فيض جي درياءَ کان تازو ۽ ڀاول ٿي ويو آهي، مگر آئون اڃان تائين مايوس ۽ چپ سڪايون ٿو وتان. انهيءَ خيال ايندي نااميدي ڪري منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي هليا، پاڻ ته ظاهر باطن کان واقف هئا، تمام توجهه ، مهرباني ۽ ٻاجهه سان پنهنجي مهر مبارڪ وات شريف جي لعاب مان آلي ڪري منهنجن ڳلن تي هٽي فرمايائون ته تون اسان جو داغدار آهين.

اي عزيز! ڏس ته ڪيڏا نه بخت ۽ نصيب انهي طالب جا هئا، جو عاجزي ۽ هيٺائي ڪري اهڙي دولت حاصل ڪيائين جو سندن ڳلن کي پنهنجن هٿن مبارڪن سان مهر هٽي سرفراز ڪيائون، اهو داغ ڪو جهڙو تهڙو داغ نه هو، بلڪ بادشاهي داغ هو، جنهن سان دنيا ۽ آخرت جي چورن کان آزاد ڪري ڇڏيائونس، بلڪ سندس ڳلن جي حسن جي تابش ڏسي هڙئي چور چڪار بالڪل ٻڄي پري ويندا هئا.

نقل65: موسيٰ پٽ احمد خان نظاماڻي جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ ميان بهادر خان نظاماڻي جي دعوت ونڊ لاءِ تشريف فرما ٿيا هئا، جڏهن ته ان وقت پاڻيءَ جو چاڙهه تمام ڏاڍو هو، تنهن ڪري پاڻ داد واهه جي ڀڪ سان اچي لٿا هئا، اسين سندن استقبال لاءِ اڳيان ويا سون، جڏهن واهه جي ڀڪ سان پهتاسون تڏهن پنهنجي والد کي ڏٺم ته واهه جي هن ڀڪ سان بينو هو ۽ ٻيا فقير به هن پاسي کان هيڏانهن واهه لنگهيا پي آيا، پاڻ به هن طرف واهه لنگهڻ لاءِ تيار هئا، اتي منهنجي پيءَ مون کي چيو ته پنهنجا ڪپڙا لاهي رڳي هڪ گوڏ ڪري پاڻي مان تري حضرت پير سائين جن جي هٿن مبارڪن کي چمي ڏي، پر پاڪر نه پائجان ته متان سندن بدن شريف تنهنجي بت سان لڳي آلو ٿي پوي. منهنجي والد غازي خان فقير کي سڏ ڪري چيو ته موسيٰ ايڏانهن ٿو اچي، سندن خدمت ۾ عرض ڪجان ته هي احمد خان جو پٽ آهي، پوءِ جڏهن مون واهه تري وڃي هٿ مبارڪ کي چمي ڏني، تڏهن پاڻ مون کي پاڪر ڪٽي وڌائون، غازي خان مٿيون عرض پيش ڪيو، پاڻ فرمايائون ته آئون هن کي سجاڻان ٿو.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل66: حسين فقير احمداڻي رهندڙ شاهه عالم احمداڻي جو، جو اها پرڳٽي ونگن (۱) جي مان هڪڙي ديهه آهي، نقل ڪري ٻڌو ته هيڪر آئون سندن خدمت مبارڪ ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ درگاهه مبارڪ تي پئي ويس، جڏهن درگاهه مبارڪ کي ويجهڙو وڃي پهتس تڏهن منهنجي دل ۾ خيال اچي پيو ته الله تبارڪ و تعاليٰ ماڻهو جي جسم ۾ ساهه جي رڳ کان به زور ويجهڙو آهي، جيئن ته پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ فرمايو اٿس:

نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ (قٓ : ۱۶)

ترجمو: اسين انسان کي سندس ساهه جي رڳ کان به زور ويجها آهيون.

۽ مرشد به اهڙي طرح مريد کي ويجهو آهي، جو سندس سڀني احوالن کي خدا تعاليٰ جي ڏنل طاقت سان ڄاڻي ٿو، تنهن ڪري سندن خدمت شريف ۾ ڪنهن به عرض معروض ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي پوءِ انهي حال تي دل ۾ پڪ ڪري پوئتي روانو ٿيس، جڏهن هڪڙو ڏينهن پنڌ ڪري رات اچي وهيرن جي ديهه ۾ ٽڪيس، اتي هڪڙو فقير سندن مريدن مان مليم، ان مون کان پڇيو ته ڪهڙي سبب ڪري موٽي آيو آهين؟ مون کيس پنهنجي دل جي خيال کان ڏري پرزي واقف ڪيو، فقير چيو ته جيڪي تو چيو سو سڀ سچ آهي، مگر مرشد جي ظاهري زيارت کان گهٽا فيض ٿا پهچن، تنهن ڪري زيارت کان مايوس ۽ محروم نه ويهي رهڻ کپي. پوءِ ان فقير جي اها صلاح مڃي وري انهي ئي مهل ونڊي اتان درگاهه شريف ڏانهن روانو ٿيس ۽ خدمت فيض درجت ۾ مشرف ٿيس، تڏهن سندن قدمبوسي کي نعمت وڏي سمجهي سندن پيزار جي پٽي کي اکين جو سرمو ڪيم ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جا لک لک شڪرانا بجا آندم، تڏهن انهي وقت پاڻ فرمايائون ته جيڪي رب العزت پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ خبر ڏني آهي ته: " نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ " سا ڳالهه واقعي آهي ته الله تبارڪ و تعاليٰ ماڻهن کي ساهه جي رڳن کان زور ويجهڙو آهي، پر جيڪو انهيءَ کي سڃاڻيندو آهي، سو ٻين تي به اعتبار ۽ ارادو رکندو. پوءِ پاڻ فرمايائون ته دنيا جي بادشاهن ۾ رسم رهي آهي ته جيڪو انهن کي سڃاڻيندو آهي انهيءَ کي سوڙهي ڳلي مان لنگهائيندا آهن، ان کانپوءِ منهنجن رفيقن کي ڏنڊ آندا هئا، سي نذر ۾ پيش ڪيائون، پاڻ انهن سان گفتگو ڪندي پڇيائون هي ڏنڊ ڪٿان آندا اٿو؟ هنن ادب کان کو جواب کو نه ڏنو، مون وٽ به هڪڙو ڏنڊ ڏنگو ڦڏو هو، جو نذراني ۾ پيش ڪرڻ جي لائق نه هو، تڏهن منهنجي دل ۾ خيال اچي پيو ته جيڪر آئون به سنگتين وانگر کي ڏنڊ نذراني ۾ آڻي ڏيان ها ته کهڙو نه چگو ٿئي ها! پاڻ جو دل وٽندڙ سخنن جي ڳالهائڻ ۾ مشغول هئا، فرمايائون ته جيڪڏهن کوئي ڏنگو ڦڏو ڏنڊ ڏيندو ته اهو به اسان کي قبول آهي، اتي مون پنهنجو اهو ڏنگو ڏنڊ نذراني ۾ پيش ڪيو. پاڻ اهو ڏنڊ هٿ مبارڪ سان ورتائون ۽ فرمايائون ته انهن منهنجي ڏنڊڻ مان جيڪي تو کي پسند اچي، سو کڻي وڃ. مون ادب کان نه ڪنيو، پاڻ به ٽي پيرا موٽائي فرمايائون ته جيڪو ڏنڊ وڃئي سو کڻي وڃ، تنهن تي حاضر مجلس فقيرن مون کي چيو ته ادب کان امر وڌيڪ آهي، جو ته "اَلْاَمْرُ فَوْقَ الْاَدَبِ" مشهور حديث آهي:

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

امر بہتر از ادب گفتہ رسول
امر را بگزین کہ تا گردی قبول

يعني: پاڻ ڪريمن ﷺ جن امر کي ادب کان وڌيڪ ڪري فرمايو آهي. سو تون بہ امر کي اختيار ڪر تہ درگاھ ۾ مقبول ٿين.

حسين فقير چوي ٿو تہ پوءِ مون هڪڙو ڏندڻ جو انهن مان زور سڏو هو کڻي ورتم. تڏهن پاڻ فرمايائون ڏس تہ الله تبارڪ و تعاليٰ کهڙو نہ ڪريم آهي جو هڪ ڏنگي ڦڏي ڏندڻ جي عيوض سڏو ۽ عمدو ڏندڻ مرحمت فرمايو اٿس، پوءِ جن سڏا ڏنا هوندا، تن کي عيوضي ۾ کهڙا نہ انعام فرمائيندو.

نقل67 :سيد ميان حسين علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون نصرپور جي ڳوٺ ۾ حضرت پير سائين قدس سره جن کان قادري طريقي عاليہ ۾ داخل ٿيس، پاڻ اهڙو تہ توجهہ فرمايائون جو انهيءَ وقت بيخود ٿي ويس ۽ ذڪر جو غلبو زور وٺي ويو، جنهن ڪري ساري رات بي آرام رهيس ۽ غلبو وڌندو ويو تان تہ ان جي سهڻ جي طاقت نہ پيو ساري سگهان، پوءِ تهجد جي نماز مهل موٽي وڃي سندن حضور ۾ احوال بيان ۽ عرض پيش ڪيم تہ حضرتا! اهڙي مهرباني ڪيو جو الله تعاليٰ سان بہ مشغول هجان ۽ بي طاقتي بہ برطرف ٿي وڃي، ان ڏينهن کانپوءِ وري پاڻ 'سلطاني ذڪر' سان مشغول رکيائون جو انهي ذڪر جي غلبي کانپوءِ وري ڪڏهن بہ غافل ڪو نہ ٿيس.

اي عزيز! انهي شاهہ صاحب کي جو اها حالت مهرباني ڪري عطا فرمائي هئائون سا سندس طلب ۽ استعداد موجب نہ هئي، بلڪ خالص توجهہ ۽ عام بخشش جو بهرو عطا فرمايو هئائونس، پر جڏهن تہ ڪيس ان حالت جي ڪٽڻ ۽ سهڻ جو استعداد ۽ طاقت نہ رهي، تنهن ڪري موٽائي وري ڪيس 'سلطاني ذڪر' عنايت فرمايائون.

نقل68: واجد ڏنو فقير ڪيبر نقل ڪري ٿو تہ جنهن وقت آئون سندن حضور مبارڪ مان طريقي عاليہ قادري ۾ داخل ٿيو هوس، تڏهن ان وقت پاڻ مون تي اهڙي تہ توجهہ ۽ تصرف فرمايو هئائون جو مهنجا سمورا عضوا ، وار ۽ ڏند مڙيئي ذاڪر ٿي ويا ۽ آئون پنهنجي سمجهہ کان بيخود ۽ بيهوش ٿي ويس، ان کانپوءِ بہ مون تي بي خودي جي حالت اهڙو تہ غلبو ڪيو جو جيڪڏهن مينهون چارڻ ويندو هوس تہ اتي اهڙو تہ سڪر ۽ بي خودي اچي منهن ڏيندي هئي جو مينهون ٻئي هنڌ هليون ويندیون هيون ۽ آئون وري ٻئي هنڌ وينو رهجي ويندو هوس.

اي عزيز ! کهڙو نہ سندن توجهہ ۽ لطف عام هو جو هو هڪڙي ئي توجهہ سان مريدن جي حال کي تبديلي ڏياري وجود کان کين فاني ۽ بيخود ڪري ڇڏيندا هئا ۽ انهي بيخودي ۾ ڪيترن کي ئي 'فنا في الشيخ' ۽ 'فنا في الرسول' ۽ 'فنا في الله' جي دولت سان مالا مال ڪري ڇڏيندا هئا.

يک نظر فرما کہ مستغنی شوم ز ابنائ جنس
سگ کہ شد منظور نجم الدين سگان را

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سرور ست

يعني :هڪڙي نظر فرماءِ تہ پنهنجن جيڏن سرتن کان بي پرواهہ ٿي ويان. شيخ نجم الدين جو ڪتي تي نظر فرمائي تہ اهو ڪتن جو سردار ٿي ويو.

نقل69: رمضان فقير سهتو ،مانجهي فقير کان نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ مينهن ۽ پاڻي جي چاڙهہ جي مند ۾ سفر تي نڪتا هئا، پوءِ هڪڙي ڏينهن وات تي ڪو واهہ آيو جو پاڻيءَ سان ڀريو پئي اڇوهي، پوءِ مون انهي واهہ ۾ هيٺ لهي وڃي پاڻي جاچي ڏٺو ۽ سندن حضور ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! منهنجي ڪلهي تي سوار ٿي هن پاڻي کان لنگهو، پاڻ منهنجي ڪلهي تي چڙهيا ۽ فرمايائون تہ:

اي مانجهي ! منهنجي هن سواري کي گهٽو ياد ڪندين !

اي عزيز! جڏهن ان خوشنصيب کي پنهنجي سواري سان سرفراز فرمايائون تہ وري نفس ۽ شيطان جي سواري کان بہ ڇڏائي ڇڏيائونس. جيئن تہ چوندا آهن:

جائے کہ سلطان خیمہ زد
غوغا نماند عام را

يعني: جتي بادشاهہ اچي تنبو هڻندو، اتي عام ماڻهن جو ڪولڙ بکيڙو ڪو نہ رهندو.

دمے کہ شاہ گزارد قدم بخانہ ما
سزد کہ عرش شود سنگ آستانہ ما

يعني :جنهن وقت بادشاهہ اسان جي گهر ۾ پير مبارڪ وجهندو تہ ان وقت اسان جو گهر اهڙو تہ مشرف ۽ مبارڪ ٿي پوندو جو جيڪڏهن عرش معليٰ هن گهر جي چائنڪ جو پٽر ٿئي تہ بلاشڪ اها ڳالهہ نهي ٿي.

نقل70: رمضان فقير سهتو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ سفر ۾ هئا، پوءِ هڪڙي ڏينهن بن پهرن جو ڪنهن هنڌ منزل انداز هئا، فقيرن جي سموري جماعت ننڊ پئي هئي، پاڻ اتي وينا هئا تہ ايتري ۾ هڪڙو اڻ واقف اجنبي ماڻهو حضور ۾ لنگهي آيو ۽ حضرت پير سائين قدس سره کان پڇيائين تہ اي فقير! توهان جو پير اوهان کي ڪهڙي تلقين ڪندو آهي؟ پاڻ فرمايائونس تہ پير اسان کي هي تلقين ڪندو آهي تہ پنج وقت نماز جا ،چار هزار ذڪر جا پڙهندا ڪيو ۽ ٽلهي ماني کائي مٽي هيٺان هٿ رکي سمهي پوندا ڪيو.

نقل71: محمد خان ولد بهادر خان فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ اسان جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، پوءِ شهر ۾ زيارت ڪرائڻ پئي اسريا، ان وقت منهنجو والد بہ ساڻن گڏ هو، پاڻ هورڙيان ٽلندا پي هليا ۽ منهنجي والد کي ٻاجهہ ۽ مهرباني سان پاڪر ۾ جهلي فرمايائون تہ جڏهن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آئون اوهان جي ڳوٺ ۾ ايندو آهيان تڏهن ائين سمجهندو آهيان ته جڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ آيو آهيان.

نقل72: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ ديهه ابراهيم نظاماڻي واقع پرڳڻي روپاهه ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. انهي ڏينهن آئون به ڪڇ جي سفر کان موٽيو هوس ۽ مٽين ديهه ۾ سندن قدمبوسي کان اڳي مشرف ٿيس. ان وقت پاڻ سانجهي نماز ڪانپوءِ جماعت سميت ذڪر جي تلاوت ۾ مشغول هئا ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جي ذڪر جي ذوق ۽ شوق جي غلبي پاران سندن وجود تي استغراق جي حالت پيدا ٿيل هئي، پوءِ آئون سندن هٿ مبارڪ ونڊي مصافحو ڪري سندن پاسي سان ئي ويهي ذڪر شريف جي تلاوت ۾ مشغول ٿيس. پوءِ جڏهن پاڻ ذڪر ۾ مراقبي کان فارغ ٿيا تڏهن مون کان خير و عافيت جي خبر چار پڇيائون، مون جواب ۾ جڏهن ساڻن ڳالهايو، تڏهن پاڻ ڳالهائڻ بڌڻ شرط اٿي پاڪر پاتائون، مون گهٽو ئي ڪين هٿ مبارڪ مان ونڊي اڻڻ جي تڪليف کان معافي ورتم پر ته به هرو پرو اٿي پاڪر پاتائون ۽ فرمايائون ته اسان سمجهيو ته خليفو سيد قاسم شاهه ٿر وارو آهي.

نقل73: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هيڪر فقير رحيم ڏنو حضرت پير سائين قدس سرہ جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو هو. جڏهن درگاهه مبارڪ تان ٽي موٽيو، تڏهن سڏو مون وٽ آيو ۽ ملاقات ڪرڻ مهل مون کي پاڪر پائي چيائين ته هي پاڪر حضرت پير سائين جن جي طرفان اڻئي جو مون کي فرمايو هئائون ته فلاڻي کي منهنجي طرفان پاڪر پائجاڻ.

نقل74: پاڻ فرمايائون ته حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن هيڪر شهر سوڍاڻي واقع ملڪ پنجاب ڏانهن حضرت شيخ عبدالقادر قدس سرہ جن جي خدمت مبارڪ ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا هئا. جڏهن پاڻ اتي پهتا، تڏهن حضرت شيخ عبدالقادر صاحب قدس سرہ ڪشمير جي سفر تي تيار ٿيا ۽ حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن ڳوٺ موٽڻ لاءِ اجازت گهريائون. پاڻ ڪجهه طبيعت جي گراني سان موڪل ڏنائون، شايد ته سندن دل مبارڪ ۾ ڪين سفر منجهه ساڻ هلڻ جو خيال هو. ان ڪانپوءِ حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن سندن طبيعت جي مرضي مبارڪ معلوم ڪري سفر ۾ ساڻن گڏ هلڻ لاءِ عرض پيش خدمت ڪيائون، پر پاڻ قبول نه فرمائي موڪل ڏنائون ۽ وصيت ڪيائون ته حضرت مخدوم صاحب پريان لوءِ واري جي صحبت کي غنيمت ڪري جاڻجو. پوءِ ياسين شريف جي زڪوات جي اجازت فرمايائون جو قادري گنج خاني مان هڪ وڏو خزانو آهي ۽ اسم شريف 'يا عزيز' جو ظاهري هٿيارن جي مثال بلڪ هزار درجا بهتر ۽ وڏيڪ آهي، تنهن جي به اجازت عطا فرمايائون ۽ حضرت پيغمبر ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن وارو قدم مبارڪ جو معراج رات حضرت غوث اعظم رضی اللہ عنہ جي ڪلهي مبارڪ تي ڏنو هئائون ۽ اها روش سندن اولاد سڳوري ۾ پشت به پشت هلي پئي آئي. سو ڪنهن ٻي مريد تي صادر نه ٿيو هو. اهو قدم مبارڪ حضرت ميان صاحب قدس سرہ جن جي ڪنڈ مبارڪ تي رکي سرفراز فرمايائون ۽ تنهن کانپوءِ موڪل عطا فرمايائون.

نقل75: خليفو ميان اميد نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ ڪڇ ملڪ ڏانهن فقيرن جي دعوتن ونڊ لاءِ

تشريف فرما ٿيا هئا. ان وقت ميان سلطان فقير کي حالت اچي منهن ڏنو جو پنهنجو گهوڙو ڦٽي ڪري پيرين پيادو حضرت پير سائين جن جي رڪيب سان گڏ ڊوڙندو پي آيو ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن پاڻ گهوڙي تان هيٺ لهي سلطان فقير کي فرمايائون ته منهنجي گهوڙي تي سوار ٿئي؟ هو" الامر فوق الادب" موجب گهوڙي تي چڙهيو. پاڻ پيرين پيادل پنڌ پئي آيا. هڪ ميل کن برابر پاڻ پنڌ هليا آيا ته ايتري ۾ مينهن اچي وسڻ شروع ٿيو ۽ اڇيان هڪڙو شهر سامهون آيو. سلطان فقير اتي گهوڙي تان لهي پيو ته به پاڻ گهوڙي تي سوار نه ٿيا ۽ سلطان فقير جو هٿ پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ ونڊي پيادا روانا ٿيا. شهر جي ڳلين ۾ مينهن جي پاڻي جون چرون ٿي ويون هيون ۽ پاڻ موزن سميت فقير جو هٿ ورتيون پاڻي مان پنڌ ڪندا هليا پئي آيا ۽ فرمايائون پئي ته هي متابعت آهي. انهن وقتن ۾ سلطان فقير حالت جي غلبي ڪري فقيرن کان ماني گهري نه کائيندو هو. جنهن ڪري ماني کاڌي کيس ٻه ٽي ڏينهن گذري ويندا هئا. جڏهن اها ڳالهه پاڻ معلوم ڪيائون ته ماني کائڻ وقت سلطان فقير جي ماني پنهنجي هٿن سان فقيرن کان ونڊي فقير وٽ ڪٽي ايندا هئا ۽ کيس ماني کارائيندا هئا.

نقل76: هيڪر پاڻ وصال واريءَ ناچاڪائيءَ ۾ خليفي ميان سلطان فقير کي تلقين ڪرڻ جي اجازت جي شفقت فرمايائون ۽ چيائونس ته اي سلطان! تو کي اسان جي علم مان بهرو مليل آهي. کپي ته ٻين کي به انهيءَ مان نفعو پهچائين. ڇو ته اهو عين تنهنجو فائدو آهي. باقي اسان کي تو ۾ ڪو غرض ڪونهي. پر خدا تعاليٰ جي خلق جو فائدو ٿئي ته ڏاڍو چڱو. ان بابت پاڻ سلطان فقير کي تمام گهڻو تاڪيد فرمايائون. جامع ملفوظات ٿو چوي ته خليفي سلطان سندن امر موجب رڳو هڪڙي مريد کي تلقين ڪئي. جنهن جي ڳالهه مون سان پاڻ ڪئي هئائين. شايد ڪو ٻيو مريد به ڪيو هجيس ته مون کي ان جي خبر ڪانهي.

نقل77: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته سندن روش مبارڪ هوندي هئي ته جيڪڏهن ڪنهن وقت هن مسڪين کي ڪنهن خط مبارڪ جي لکڻ ۾ موڪلڻ سان سرفراز فرمائيندا هئا ته سندن منڊ ۾ هي بيت لکي هن عاجز کي فخر ۽ شرف بخشيندا هئا:

من تو شدم تو من شدی من تن شدم تو جان شدی
تاکس نگوید بعد ازین من دیگرم تو دیگری

يعني: آئون 'تون' بڻجي ويس ۽ تون 'مان' ٿي وئين. آئون بدن جي مثال ته تون ساهه وانگر آهين. وري ڪو به ائين ڪو نه چوندو ته 'آئون' ٻيو ۽ 'تون' ڪو ٻيو آهين.

نقل78: خليفو محمد ملوڪ ، خليفي ميان سلطان فقير کان نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون پي ته اسان جو خليفن کي ارشاد جي اجازت عطا ڪئي آهي سا سڀ ڪنهن جي طبيعت جي مرضي موجب ڏني وئي. باقي ٻن ڇٽن کي اسان پنهنجي طبيعت جي مرضيءَ موجب خلافت ڏني آهي. هڪڙو خليفي

محمد حسين شمالي پنجاب واري کي ۽ پيو ميان محمد عطا کي ۽ خليفي محمود (جامع ملفوظات) کي جيڪي تلقين جي اجازت ڏنو اٿئون سو نہ سندس مرضي سان نہ پنهنجي راءِ سان، بلڪ خاص الله سبحانہ و تعاليٰ جي خواهش ۽ مرضيءَ موجب کيس خلافت ڏني وئي آهي.

نقل79: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ قلات جي سفر تي پي اسريا، پهرين منزل خليفي آدم چاچڙ وٽ ٿي، ٻہ پهرو پاڻ اتي وڃي ڪيائون، ٻيهري جي نماز کانپوءِ وڏو صاحبزادو سڳورو يعني مسند نشين اول ،ميان محمد حسين ۽ آئون سندن حضور مبارڪ مان اتان رخصت ياب ٿي پوئتي موٽياسون. پاڻ صاحبزادي سڳوري کي فرمايائون تہ خليفي (يعني تہ جامع مفلوظات رحمۃ اللہ علیہ) کي دعوت ڪري رات وڃي پاڻ وٽ درگاهہ تي ٽڪائجو ۽ سياڻي صبح جو کيس رخصت ڏجو. صاحبزادي سڳوري مون کي رات اچي درگاهہ مبارڪ تي ٽڪايو ۽ صبح جو موڪل عطا فرمايائون.

نقل80: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ جڏهن پاڻ هن عاجز کي پنهنجي شفقت ۽ ڪرم سان قادري ۽ نقشبندي طريقن جي تلقين جي اجازت جو چٺ مٺي تي رکيائون، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ چشتي ۽ سهروردي طريقن ۽ هنن ۾ رڳو شغلن جي لفظن جو فرق آهي، باقي مرجع مڙني جو هڪ آهي.

نقل81: جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ محراب فقير وساڻ جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا ۽ آئون بہ دعوت جو سامان تيار ڪري سندن استقبال ۾ خليفي محمد ملوڪ سان گڏجي وساڻ فقير جي ڳوٺ وڃي قدمبوسي کان مشرف ٿيس، پويان منهنجي ڳوٺ شهر خواهہ آسپاس جا ماڻهو تمام گهڻا اچي گڏ ٿيا، اتي خليفو محمد ملوڪ مون کي پنهنجي ليکي چوڻ لڳو تہ جيڪڏهن پاڻ هتان ديهہ ڪڙيئي ڏانهن سڏائي تشريف فرما ٿين تہ ڏاڍو چڱو، ڇو تہ آسپاس جا ماڻهو تمام گهڻا زيارت لاءِ اتي گڏ ٿيا انتظار ۾ وينا آهن. انهيءَ وچ ۾ سندن نظر مبارڪ اسانجي گفتگو ڏانهن ٿي ۽ پڇيائون تہ ڇا جو گفتگو آهي؟ مون اهو احوال عرض ڪيو تہ حضرتا! خليفي محمد ملوڪ اوهان جي جلدي تشريف فرما ٿيڻ لاءِ عرض ڪيو تہ اتي ماڻهو تمام گهڻا زيارت لاءِ اچي گڏ ٿيا آهن، جنهن ڪري جيڪي دعوت جو سامان آهي سو سندن خرچ ۾ پورو ٿي ويندو، جيڪڏهن ستت ئي توجهہ مبارڪ ٿئي تہ وڏي مهرباني. پاڻ جواب ۾ مرڪي فرمايائون تہ خليفي جو خزانو ايڏو آهي جو خرچائڻ سان کٽندو ئي ڪين، پوءِ پاڻ ٻئي هٿ مبارڪ سامهون منهنجي ڪلهي تي رکي فرمايائون تہ هڪڙو بزرگ ڪعبت الله شريف جي حرم ۾ ٻہ ٽي سال ٽڪي حج ۽ مناسڪ ادا ڪندو رهيو، پوءِ هيڪر حج جي ڏينهن ۾ ماڻهو عرفات تي اچي گڏ ٿيا هئا ۽ هڪڙو پيو شخص حج ادا ڪرڻ لاءِ عرفات ڏانهن پي آيو، جڏهن عرفات جي حد تي پهتو تڏهن کيس چيائون تہ حج جو ميعاد يعني مدت مقرر گذري چڪي ۽ تنهنجو حج قضا ٿي ويو، هن ويچاري حج فوت ٿي وڃڻ جي درد کان اندر سيني ڏکايل مان ٽڏو ساهہ پري ڏکاري دانهن ڪيائين، اهو بزرگ اتي ٻينو هو ان پڇيس تہ اي ادا ! تو اهڙي دردناڪ دانهن ڇالاءِ ڪئي؟ ان شخص جواب ڏنو تہ حج جي مدت گذري وڃڻ ڪري، جو اسان جي ڪوشش ۽

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سعيو ڪل بيڪار ٿي ويو. ان بزرگ چيس تہ جيڪڏهن انهيءَ دانهن جو اجر مون کي ڏئين تہ آئون توکي هيترن سالن جي حج ۽ مناسڪ جو ثواب، جي آءُ هتي رهي ادا ڪندو رهيو آهيان سو توکي ڏيان! هو شخص انهي سودي تي راضي ٿي ويو ۽ سندس چوڻ قبول ڪيائين. پوءِ اهو بزرگ رات جو خواب ۾ حضرت سرور ڪائنات ﷺ جي زيارت کان مشرف ٿيو. حضور عليہ الصلوات السلام جن کيس ڏسي فرمايائون تہ واهہ جو سودو ڪيو اٿئي جو جيڪڏهن سڀني عرفات وارن کي ان مان بهرو ڏين تہ بہ سڀني کان وڏي پوندو.

پوءِ پاڻ محمد ملوڪ ڏانهن نظر فيض اثر وجهي فرمايائون تہ اهڙي طرح خليفو بہ اهڙي سوادگري ڪري وينو آهي جو جيڪڏهن روءِ زمين جا ماڻهو اچي وٽانس لٽن ڪٽن کائن تہ بہ هڪ ذرڙي جيتري بہ ان ۾ گهٽتائي ڪانہ ٿيندي. پوءِ پاڻ لاڙ جي سڀني دعوتن کانپوءِ هن مسڪين جي دعوت تي تشريف فرما ٿي هن مهجور جي بي نور گهر کي روشن ۽ چمڪندڙ فرمايائو. ۽ ايسيتائين زيارت لاءِ آيل ماڻهن اوئين اتي ٽڪيا پيا هئا.

اي عزيز! هرڪو اهوئي ڪندو جيڪي سندس لائق هوندو:

سرے ست درین سینہ کہ گفتن نتوانیم
دُرے ست دریں بحرکہ سفتن نتوانیم

يعني: سيني ۾ هڪ اهڙو راز آهي جو چئي نٿا سگهون ۽ هن درياءَ ۾ هڪ اهڙو موتي آهي جو پوئڻ جي طاقت کان ٻاهر آهي.

خوش دل ایاز باش کہ محمود عاشق ست
ملک ملوک بر ہمہ ملک تو لاشک ست

يعني: اي اياز! تون خوش رهہ جو محمود بادشاهہ توتي عاشق آهي. هينئر ملڪ توڙي پيا بلاشڪ سڀ تنهنجي ملڪيت آهن.

نقل82: پاڻ وصال واري بيماريءَ وارن ڏينهن ۾ اندر حرم خاني ۾ آراميل هئا. عيسيٰ نالي هڪڙو فقير جو محبت ۽ جذب جو صاحب هو. حضور جن جي محبت ۽ عشق کان مسجد شريف جي دروازي جي ٻاهران روج ، دانهون ۽ واڪا پي ڪيائين. پاڻ سندس دانهن جو آواز ٻڌي فرمايائون تہ اي دوستو! هن يار کي صبر ڪرايو. يا تہ وري اسان کي ان وٽ ٻاهر وڃي هلو.

نقل83: ميڙنو پليجو نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون درگاهہ مبارڪ تي سندن حضور ۾ حاضر هوس، هڪڙي شخص درگاهہ مبارڪ جي رهندڙ، کي جو وقت تي نماز جماعت سان ادا ڪرڻ لاءِ سستي ڪندو هو. تعزير ۽ تاديب لاءِ وڃي اچي کاٽ ۾ وجهڻ لڳا. ڇو تہ سندن حڪم مبارڪ نماز ۾ سستي ڪندڙن لاءِ اصل کان هڙي طرح جاري ٿيل هو ۽ پوءِ هڪڙي فقير سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا!

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هن شخص جا پير قرڙين جي ڪري اڳهين پڪا پيا آهن، جيڪڏهن سندس پير ڪاڻ ۾ وجهبو ته سارو ئي رت ۽ پونءِ ٽي پوندو. پاڻ فرمايائون پل ته ڪاڻ ۾ پوڻ سان سندس پيرن مان رت نڪري ته ڪو آخرت جي عذاب کان ڇوٽڪارو ٽي پويس. تڏهن ان شخص جي سياڻائي ڪري پنهنجي عادت جي برخلاف ان گنهگار بيڪار جي حال زار تي ٻاجهه فرمائي وٽس قدم رنج فرمائي اچي پرسان بيناءِ فرمايائونس ته اي يار! اسين هي مڙئي اوهان جي خيرخواهي لاءِ ٿيا ڪيون، رڳو ايتري فرمودي مبارڪ ٻڌڻ شرط سندس ساهه وارن ٻوڙڻ ۾ گوياڪ محبت جي باهه جا مچ مچي ويا، جو باوجوديڪ سندس پير ڪاڻ ۾ سوگهو پيا هئا ته به وجد ۽ حال کان بي خبر ٽي اچي حضرت پير سائين جن کي پاڪ ۾ ورتائين ۽ جوش کان دانهون ۽ ڪوڪرا پي ڪيائين، سندس پير پنيءَ تائين رتورت ٽي ويا ۽ پاڻ به مهرباني‌ءَ سان کيس پاڪ ڪٽي وڏائون.

نقل84: غازي خان فقير تالپر نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ جيسلمير جي سفر تان پوئتي موٽيا هئا، واٽ تي سوراهه کان جو ٿر واري ناري جي ديهن مان هڪڙي ديهه آهي، منهنجا پائر وغيره پيا فقير موڪلائي هليا ويا، مگر آءُ سندن خدمت ۾ رهيل هوس، پوءِ پاڻ اتان ناري واهه واقع ٿر جي پڪ سان مير خان رند ۽ عيسيٰ فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا، اتي آئون سندن سواري واري گهوڙي ٻڌي ڪنهن پاسي ڪم ڪار سان نڪري ويس، پاڻ اتي گهوڙيءَ جي پرسان وضو وينِي سارياڻون ۽ پرسان هڪڙي ڪٽ به رکيل هئي، پاڻ فقيرن کي حڪم فرمايائون ته اها ڪٽ اتان ڪٽي اسان جي گهوڙي جي پرسان آڻي رکو ۽ غازي خان جا ڪپڙا جو سندس گهوڙيءَ جي هني تي رکيا آهن سي به لاهي هن ڪٽ تي رکي ڇڏيو، پوءِ پاڻ مون عاجز کي گهرائي فرمايائون ته هي ڪٽ اوهان لاءِ وجهرائي اٽئون.

نقل85: غلام محمد نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته جيڪو مرشد مڪمل آهي، ته اهو پاڻ ته اوئين دوزخ کان امن وارو آهي، باقي جي سندس مريد دوزخ جي عذاب ۾ گرفتار ٿيو ته پوءِ ان کي مرشد وٺڻ مان ڪهڙو فائدو رسيو؟

اي عزيز! سندن انهي مقولي مبارڪ مان مريدن کي خوشخبري جو اشارو ڏنل آهي ۽ انهيءَ بشارت جو وجهه هي آهي ته مريد ننڍڙي کير ڏائڪ ٻار جي مثال آهي، جنهن کي ڪا به نفعي نقصان جي خبر ڪانه آهي ۽ مرشد ڪامل ان لاءِ ماءُ وانگر آهي جو کيس ٻنهي جهانن جي اهنجن ۽ ايذائن کان نگاهه ۾ رٿو رکي. خيال ڪري ڏسو ته هي ظاهري ماءُ پنهجي ٻار کي باهه يا ڪنڊن وغيره ظاهري ضرر جي ويجهوا ڇڻ به نه ڇڏيندي آهي ۽ پوري هوشياري سان سندس سنيال ڪندي رهندي، پر جي تقديرا ڪو ضرر يا اهنج ٻار کي پهچي ويندو آهي ته ان اهنج کي پنهنجو اهنج سمجهي سندس علاج معالجي ۽ دفع ڪرڻ جي ڪوشش ۾ حتي المقدور پنهنجو وس ڪندي آهي. بلڪ پنهنجي پياري پٽ جو اهو اهنج پاڻ لاءِ پسند ڪندي، باقي ٻار لاءِ پسند نه ڪندي آهي ۽ پنهنجو پاڻ مٽس قربان ڪري چوندي آهي:

"ته آئون گهوري وڃان، آئون قربان ٿيان"

اي پيارا! هي ظاهري ماءُ جي شفقت آهي، پوءِ مرشد مڪمل جو حقيقتا ماءُ جي مثال آهي تنهنجي شفقت ظاهري ماءُ کان ڪٽي گهٽ ٿي سگهندي. پوءِ يقين ڪامل رکڻ گهرجي ته مرشد مڪمل پنهنجن مريدن کي دوزخ ۾ داخل ٿيڻ اصل نه ڏيندو. جيئن ته ان بابت حضرت غوث الثقلين رضي الله عنه جو نقل به شاهد حال آهي، جو سندن مناقب ۾ مذڪور آهي ته هيڪر سندن مريدن مان هڪڙو شخص هن دنيا فاني مان رحلت ڪري ويو، پوءِ جڏهن ڪيس قبر ۾ دفن ڪري آيا. تڏهن منڪر نڪير ملائڪ وٽس آياءِ پڇياٸون ته: "من ربك و من نبيك ومادينك" يعني تنهنجو رب ڪهڙو آهي؟ نبي سڳورو ڪهڙو اٿئي؟ دنيا ۾ ڪهڙي دين تي رهيو آهين؟ تڏهن ان مريد جواب ڏنو ته عبدالقادر، عبدالقادر. ملائڪن سڳورن الله سبحانه تعاليٰ جي جناب اقدس ۾ وڃي عرض ڪياٸون، ته پروردگار! تنهنجو بانهو اسان کي هي جواب ٿو ڏئي پيو، حڪم ٿيو ته وڃي ڪيس عذاب ڪيو. ملائڪ سڳورا امر موجب عذاب ڪرڻ لاءِ سندس قبر ۾ لهي آيا. ! اچان اچي ڏسن ته حضرت غوث الثقلين رضي الله عنه جن ميت جي سيراندي کان ويٺا آهن. حضرت پير رضي الله عنه ملائڪن کي هيڪر جهليو ته هن منهنجي مريد کي ايذاءَ نه پهچايو. پر جڏهن ملائڪ سندن جهل تي نه مڙيا تڏهن پاڻ اٿي انهن کان گرز ڦري ورتائون ۽ فرمايائون ته وڃي الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاهه ۾ عرض ڪيو ته هي شخص منهنجو مريد آهي، هن مونکي سڃاتو آهي ۽ مون وري توکي سڃاتو آهي، ملائڪن موٽي وڃي سموري حقيقت درگاهه الٰهي ۾ پيش ڪئي. الله سبحانه وتعاليٰ پنهنجي فضل سان کين فرمايو ته هينئر وڃي پيران پير کان معافي گهري پنهنجا گرز ان کان ونڻي اچو:

پير ره کبريت احمر آمده ست
سينه او از بحر اخضر آمده ست

يعني: پير طريقت اڪسير جي مثال آهي جو مٽي کي سون ڪري ڇڏي ۽ سندس سينو لهريون هٽندڙ دريا ڪري ڇاڏي.

نقل86: علي خان تالپر نقل ڪري ٿو ته هيڪر منهنجو پاءُ مبارڪ خان تالپر، لقمان تالپر جي ماءُ ۽ پنهنجي پٽ نور محمد جي ماءُ جي ڏاڏي جي عذرن لاءِ، جي درگاهه مبارڪ جي ويجهڙائي ۾ رهندا هئا ويو هو. پوءِ فاتحه ڏيئي درگاهه مبارڪ تي سندن حضور ۾ حاضر ٿيو، اتي ڪنهن شخص سندن حضور مبارڪ ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! لقمان تالپر جي ماءُ ۽ مبارڪ خان جي پٽ جي ناني فوت ٿي ويون آهن، جيڪر انهن وٽ هلي فاتحه خواني ڪري اچجي، پاڻ فرمايائون ته اسانجو مريد مبارڪ خان آهي جو اسان وٽ حاضر آهي، باقي ٻيا اسانجا مريد ڪونه آهن انهن سان اسان جو هڪڙو ڪم؟

نقل87: محمد خان ولد بهادر فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاکي فقير رهندڙ ڪنڊراهه واقع پرڳڻي سماواڻي (ٽنڊو محمد خان ۾ سيدن جو ڳوٺ) ڏيهه گوني واهه جي دعوت تي تشريف فرما

سڪندريه پبليڪشنز، درگاهه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٿيا هئا ۽ آئون به سندن خدمت ۾ حاضر هوس، اتي فقير رحيم ڏنو ۽ سيد ستابو شاهه وينل ديهه جهيجن جا، تن سندن خدمت ۾ زيارت ڪرائڻ لاءِ عرض ڪيو، پاڻ انهن جو عرض قبول فرمائي سندن ڳوٺ تشريف فرما ٿيا ۽ اتي مسجد شريف جي اڳڻ ۾ هڪڙي نم بينل هئي، پاڻ انهيءَ نم جي پاڇي ۾ گهڙي ڪن ڪٽ تي هلي وينا ۽ مون سندن پٽن مبارڪن کي زور وينڊي ڏنا، انهي وچ ۾ هڪڙي شخص حاضر مجلس حضور جن کان پڇيو ته حضرتا! هي زور ڏيندڙ فقير ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون ته فقير بهادر خان نظاماڻي جو پٽ آهي، تڏهن انهي شخص وري پڇيو ته حضرتا! هي فقير اهڙو ڏبرو چو ٿي ويو آهي؟ محمد خان فقير چوي ٿو ته مون وچ ۾ ورندي ڏني ته هائو ادا آئون ضعيف آهيان پر اندر ۾ قوي آهيان، پوءِ جڏهن پاڻ فقير جي گهران زيارت ڪرائي روانا ٿيڻ لڳا، تڏهن انهن فقيرن عرض ڪيو ته حضرتا! ڪجهه ماني تيار ڪئي اٿئون، ٿورڙي دير ترسو ته آڻي حاضر ڪيان، پاڻ فرمايائون ته انجام زيارت جو هو نه ماني ڪارائڻ جو، پوءِ پاڻ سوار ٿيا ۽ اهي ٻئي فقير رڪيب مبارڪ سان ڊوڙندا پي آيا، تان ته هڪڙي واهه تي اچي پهتاسون جو ان ڳوٺ کان اتر پاسي هو،اتي هو فقير ڏاڍا رنا ۽ ايلاز منٿون ڪيائون، تڏهن پاڻ فرمايائون ته جيڪي طعام تيار هجي سو پلا هتي ڪٽي اچو، پاڻ اتي لهي پيا ۽ جيڪي طعام موجود ٿيو سو اتي ڪٽي آيا، پاڻ اهو طعام جماعت سميت ڪائي پوءِ اتان روانا ٿيا.

نقل88: خليفو سيد نالي منو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ هن مسڪين جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، پوءِ هڪ طرف ميان ميان غلام علي بروهي، حضرت پير سائين جن گهوڙي جي داٽي گاهه ڏيڻ لاءِ ۽ ٻي طرفان محراب فقير ميان قابل شاهه جي گهوڙي جي گاهه داٽي لاءِ، مون کي ڪنڌ مان ونيو هيڏي هوڏي پئي ڦيرايائون، هڪڙو سڄي پاسي گهليو وڃي ته ٻيو ڪٻي پاسي. ٻنهي ڇٽن پنهنجو ٻانهون ڪٽي منهنجي ڳچيءَ ۾ وڌيون، جنهن ڪري منهنجي ڏاڙهي ٻنهي پاسن کان سندن هٿن ۾ اچي وئي، اهڙي طرح مون کي سوگهو ڪري جهليائون، جو نيٺ ٻي هڪڙي فقير مون کي انهن جي هٿان زور سان اچي ڇڏايو جنهن ڪري انهي ڇڪ ڇڏيڙ ۾ منهنجي ڏاڙهي جا ٻه ٽي وار انهن جي هٿ سان پٽجي ٻيا، جڏهن پاڻ درگاهه مبارڪ تي تشريف فرما ٿيا تڏهن اندر حاويلي ۾ صاحبن سڳورن سان هن غلام جي ڳالهه بيان فرمايائون. هڪڙو اسان جو مريد سيد 'نالي منو' نالي آهي، ان سان فقيرن خوشطبعي ڪري سندس ڪنڌ ۾ ڪٽي ٻانهون وڌائون ۽ ڇڪ ڇڏيڙ ۾ سندس ڏاڙهي جا ٻه ٽي وار پٽي وڌائون، پر هو فقيرن سان اصلي نه چڙيو ۽ نڪي اسان کي ئي ان بابت ڪو احوال اچي ٻڌايائين.

نقل89: جامع مفلوظات ﷺ چوي ٿو ته هيڪر آئون صاحبزادن سڳورن جي شادين جي موقعي تي بني ڏانهن طعام جي حفاظت تي وينو هوس ته اتي پاڻ تشريف فرما ٿي اچي مون کي فرمايائون اي خليفا! اسان ۽ توکي طعامن جي حفاظت لاءِ ڪو نه موڪليو اٿن، اٿي ته هلي مسجد شريف ۾ هڪ پي سان ڳالهيون ويهي ڪيون.

نقل90:خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون ته هي جيڪا فقيرن جي جماعت

درگاھ تي اچي ٿي تن مان کو بہ باطني احوال کان خالي کو نہ آھي، پر اسان جي ادب کري چپ چاپ کيون ٿا وتن ۾ ڪچن پچن نہ ٿا، پوءِ ميان قابل شاھ ۽ قاضي عبدالرحمان کي امر ڪيائون تہ اوھين فقيرن کان احوال جاچي اسان کي اطلاع ڪندا رھو، ھو ٻئي سندن فرموي موجب درگاھ تي حاضر ٿيندڙ طالبن کي باطني احوال جي پڇا ڳاڇا ڪري سندن حضور ۾ عرض رکندا ھئا ۽ پاڻ ھر ڪنھن جي حال موجب ڪن کي توجھ ۽ ڪن کي ظاھري شغل جي تلقين ڪندا ھئا ۽ ڪنھن طالب کي نئين شغل ڏسڻ ۾ ڏر ھجڻ کري فرمائيندا ھئا تہ اچان تو کي اڳئين حال ۾ ڪجھ رھندو آھي، تڏھن ان فقير کي گوياڪ چھبڪ لڳي پي ويو، جنھن کري ڪائڻ پيئڻ کي وساري رات کي ڏينھن سمجھي، فڪر ۽ مراقبي جي مشغوليءَ سان پنھنجو حال پختو کري پي ورتائين، پوءِ جڏھن حضرت پير سائين جن سندس انھي حال کي تسليم کري کيس ٻيو شغل ڏسيندا ھئا، تڏھن آرام سان انھيءَ شغل سان مشغول ٿي ويندو ھو، اھا مريدن جي احوال جي پڇا ڪرڻ جي خبر سيني مريدن ۾ مشھور ٿي وئي، جنھن کري جيڪو مريد جڏي بہ ھو ھو مراقبي ۽ ذڪر ۾ مشغول ٿي ويو.

نقل91: خليفو سيد جان محمد نقل کري ٿو تہ ھيڪرآئون فقيرن جي جماعت سميت سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿيس، ٻيا سيئي منھن مبارڪ ڏسڻ شرط محبت جي جذبي کان جوش ۽ وجد ۾ اچي پتنگن وانگر سندن منھن مبارڪ جي بتيءَ تي قربان ٿيندا پيرن مبارڪن ۾ ڪرندا ويا ۽ آئون پري کان قدمبوسي جي انتظار ۾ ٻينو ھوس. تڏھن پاڻ ٿي فرمايائون تہ مون کي جاءِ ڏيو تہ خليفي (سيد جان محمد ناقل) کي پاڪر پايان! آئون انھيءَ ڪلام مبارڪ ٻڌڻ شرط وڃي قدمبوسي ڪري ملاقات کان مشرف ٿيس، ھڪڙو عاج جو قلمدان جو اتي رکيو ھو، سو ھڪ فقير جي بي خبر ٿي اچي ڪرڻ کري پڃي پيو ۽ ڪتاب سندس پاسي ھيٺان اچي ويا، صاحبزادو والاتبار ميان محمد شاھ جو اتي حاضر ھو، تنھن انھي فقير جي پاسن ھيٺان ھٿ ڏئي ڪتاب ٻاھر پي ڪڍيا، پاڻ فرمايائونس تہ اي بابا ! ڪتاب آھستگيءَ سان ڪڍجو، جيئن فقير کي ايذاءُ نہ اچي ،تہ ايتري ۾ ٻيو فقير بہ وجد جي جوش ۾ حضرت پير سائين جن کي پاڪر پائي اچي سندن بدن مبارڪ تي ڪريو، ميان قابل شاھ انھي فقير کي پيرن مان وٺي پري پئي ڪيو،پاڻ فقير کي پيرن کان وٺي گھلڻ کان منع فرمايائون ۽ چيائون تہ جيڪڏھن پري ٿا ڪيوس تہ بہ ھورڙيان نرمي سان پري ڪيو، پوءِصبح جي نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ جڏھن پاڻ قرآن شريف جي تلاوت کان فارغ ٿيا تڏھن قاضي محفوظ عرض ڪيو تہ حضرتا ! اڄ رات قلمدان پڃي پيو، پاڻ فرمايائون تہ اسان اوھان کي اصلي چيو پئي تہ قلمدان پري کري ڇڏي.

نقل92: مسمات سليمہ پليجاڻي جا حضور جن جي مريدياڻي ھئي، ڳالھ کري ٿي تہ ھيڪر درگاھ مبارڪ تي 'طعام العاشقين' يعني تہ فاقي نزول ڪيو ھو، مسجد شريف ۾ وينل فقيرن البتہ پنھنجي ھڙان يا ٻي ھنڌان ٿورو ٿورو کاڌو پئي، باقي پاڻ انھن فاقن وارن ڏينھن ۾ کي بہ ڪو نہ پئي کاڌائون، مائي ٿي چوي سندن نہ کائڻ کري ڏاڍو دل ۾ ڏک ٿي پيو، منھنجي ھڙ ۾ ھيڪڙي پاولي پڌل ھئي، ان

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جو وڃي اَن خريد ڪري پيجرائي ٿورڙو ٿورڙو مسجد شريف جي فقيرن ۾ ورهائي ڏنم ۽ ڪجهه پنڌيءَ ۾ وڃهي سندن حضور ۾ ڪٽي آيس ۽ ان خريد ڪرڻ ۽ پيجرائڻ ۽ فقيرن ۾ ورهائي ڏيڻ جو سمورو احوال خدمت مبارڪ ۾ پيش ڪيم . پاڻ مهرباني فرمائي قبول فرمايائون ۽ پنهنجن ننڍڙن ٻارن کي جي حاويلين ۾ هئا، ماٺهو موڪلي گهرائي ورتائون ۽ انهن سيني سان گڏجي حصي آهر پاڻ ۾ ڪاڏائون ۽ ٻارن کي ۽ ڪارايائون، ڪين حصو ۽ ايترو آيو جيترو ٻاهرين فقيرن مان هڪ هڪ ڄڻي کي آيو هو، مائي ٽي چوي ته تڏهن مون عرض ڪيو ته حضرتا! فقيرن کي جيڪڏهن ننگر جي ديگ تان طعام هٿ نه ٿو لڳي ته پنهنجي هڙان يا ٻي هنڌان ۽ وٺي ڪائن ٿا، باقي اوهان ڇو نه ٿا ڪائو؟ پاڻ فرمايائون ته فقير پل ته پيا ڪائن، اسين نه ڪائينداسون.

نقل93: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر ابتدائي ڏينهن ۾ جو تڏهن اجان خلافت جي شروعات سان مشرف نه ٿيو هوس، سندن زيارت لاءِ درگاهه مبارڪ تي حاضر ٿيس، اهو ڏينهن ذوالحج جي عيد جو ڏينهن هو، پاڻ اسان جي پهچڻ کان اڳ مسجد شريف ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪري اندر حاويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرما ٿي ويا هئا، پوءِ پاڻ ۾ ويهي ڳڻ ڪئي سون ته جيڪر حضرت پير سائين : جن جي ملاقات نماز کان اڳ ٿي پوي ته ڏاڍو چڱو نه ته پوءِ ماٺهن جي انبوهه ڪري قدمبوسي حاصل ڪرڻ ڏاڍي اهنجي ٿيندي، قاضي محفوظ مون کي چيو ته ڪنهن ماٺهو هٿ ڪين خبر پهچايان ته مهرباني ڪري اسان کي زيارت کان اڳي مشرف ڪريو، مون چيو ته مون کان اهڙي بي ادبي نه پڄندي. حڪيم مطلق جي حڪمت ڏسو ته انهي ڏينهن لقمان ٽالپر ۽ پيا جلالاٽي فقير به آيا هئا، سي وڃي صاحبزادي سڳوري مسند نشين اول جي خدمت ۾ ملتجي ٿيا ته اوهان حضور جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته نماز عيد جي مجموعي ۾ خلق جي انبوهه کان ملاقات ڏکي ٿيندي، تنهن ڪري شفقت فرمائي هينئر زيارت کان مشرف فرمايو ته وڏو احسان؟ صاحبزادي سڳوري سندن حضور ۾ وڃي عرض ڪيو ته حضرتا! لقمان اوهان جي قدمبوسي لاءِ منتظر وينو آهي. پاڻ سندن عرض موجب تشريف فرما ٿيا، اسين ته پاڻ ۾ صلاح ڪري اصلي دروازي تي بينا هئاسون، جڏهن پاڻ ٻاهر نڪتا، تڏهن ڊوڙي اچي قدمبوسي جي شرف کان مشرف ٿياسون، پاڻ اسان کي زيارت ڪرائي وري اندر اسرڻ لڳا، اتي صاحبزادي سڳوري فرمايو ته حضرتا!مون لقمان ٽالپر جي نالي پي چيو، پاڻ فرمايائون اسان لقمان فقير سمجهيو هو. پوءِ پاڻ مون کي فرمايائون ته اسين هينئر رڳو تنهجي سبب ڪري نڪتاسون، لقمان ٽالپر جي ملاقات لاءِ قدم رنج نه فرمايائون ۽ چيائون ته لقمان ٽالپر سان عيد نماز ادا ڪري پوءِ ملاقي ٿيندا سون، پوءِ جڏهن پاڻ عيد نماز ادا ڪري مسجد شريف ۾ ڪبڙ جي وڻ هيٺان اشراق جا نفل ادا فرمايائون، تڏهن اتي لقمان ٽالپر اچي قدمبوسي ڪئي، پاڻ مٽين ڳالهه ڪين بيان ڪري ٻڌايائون.

نقل94: الهداد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ سفر ۾ هئا ۽ آئون به سندن رڪيب مبارڪ

سان گڏ هوس، واٽ تي هڪڙي ڳوٺ ۾ ڪنهن فقير جي گهر ۾ زيارت ڪرائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا هئا، گهر جي مالڪ ڪجهه طعام سندن خدمت ۾ ڪٽي اڇي حاضر ڪيو، پاڻ مون کي فرمايائون ته اڇو اسان سان ماني گڏجي کائو، مون عرض ڪيو ته حضرتا! ٻانهو پنهنجي سردار سان گڏجي نه کائيندو؟ پاڻ فرمايائون ته اهو دستور دنيا وارن جو آهي، نه الله وارن جو. جيئن ته اصحاب سڳورا به حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن سان گڏجي کائيندا پيئندا هئا، پوءِ مون کي چيلهه مان وٺي پنهنجي ويجهڙو ڪٽي ويهاريائون ۽ فرمايائون ته طعام کائڻ ۾ همراهي ڪريو، يعني ته پنهنجو حصو به کائو ۽ اسان جي حصي به همراهه ٿيو.

نقل95: صاحبزادو والاتبار ميان حامد شاهه نقل ڪري ٿو ته آئون سندن وصال واري مرض جي ڏينهن ۾ حضور مبارڪ ۾ حاضر هوس، تڏهن صاحبن سڳورن مون کي فرمايو ته اي پٽ ! وڃي سبق پڙهه، پاڻ فرمايائون ته پڙهڻ جا ڏينهن گهٽا ئي پيا آهن، هن وقت ڇڏيو ته حضور ۾ حاضر هجي.

نقل96: جامع مفلوظات رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو ته هيڪر آئون رمضان شريف جي مهيني ۾، جو سياري جي مند هئي، سندن حضور ۾ درگاهه تي حاضر ٿيو هوس، پوءِ رمضان اتي گذاري خدمت اقدس مان موڪل گهريم، حالانڪ منهنجي ترسڻ جو مقرر وقت اڃا پورو نه ٿيو هو، پاڻ فرمايائون ته ڪهڙي سبب ڪري تڪڙو ٿو موڪلائين؟ عرض ڪيم ته حضرتا! سياري جي سختي ۽ ٽڏ جي زيادتي ڪري موڪل گهران ٿو، پاڻ مون کي موڪل نه ڏنائون ۽ اندر وڃي هڪڙي نئون ڪيس ۽ ڳاڙهي ان جو گليف (پٽو ٽلهو ڪپڙو) جنهن کي اندران گربي جو استر ڏنل هو، مٿان وجهڻ لاءِ مرحمت فرمايائون، اهي ٻئي ڪپڙا مون پاڻ وٽ رکي ڇڏيا،ٽن ڏينهن کانپوءِ ڪيس وري اندر ڏياري موڪليم ۽ گليف رات جو مٿان وجهندو هوس، تان ته ٻه ٽي مهينا حضور مبارڪ ۾ هوس ۽ پوءِ جڏهن کانئن موڪلائڻ ۽ ڳوٺ ڏانهن رواني ٽيڻ جي تياري ڪيم، تڏهن ارادو ڪيم ته گليف موٽائي خدمت ۾ موڪلي ڏيان ته فقير غازي خان ٽالپر چيو ته حضور جن جي روش مبارڪ آهي ته جيڪا شيءِ ڪنهن کي ڏيندا آهن ته ان کان موٽائي نه ونندا آهن، گليف به نه ونندا،تنهن ڪري موٽائي نه موڪلڻ گهرجي.مائي سليمه پليجاڻي کي جو درگاهه مبارڪ ڏي هلڻ مهل اسان سان گڏ هلي هئي،ڏيئي ڇڏيم، ته هي گليف منهنجي وڃڻ کانپوءِ صاحبن سڳورن جي خدمت ۾ ڏيئي ڇڏجانءِ، پر حضرت سائين جن جي غير حاضري ۾ .

نقل97: گل فقير مونگيو نقل ڪري ٿو ته هيڪر خليفي محمود (جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ) سندن خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! آئون ڪڇ ملڪ جي سفر ۾ هوس، اتي هڪڙي امير ماڻهو کي ذڪر پڇڻ جو ارادو ڏاڍو هو، مون کان تلقين نه ورتائين ۽ چيائين ته مان حضرت پير سائين جن کان مريد ٿيندس، پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته هو ويچارو هن ڳالهه کان غافل هو، جو خبر نه پيس ته هن ۽ هن ۾ ڪو فرق ڪو نه آهي، يعني ته اسان ۽ خليفي جي وچ ۾ ڪو ويجهو ڪو نه آهي.

نقل98: عمر فقير رهندڙ شهر سهتن واقع پرڳڻي سماواتي جو نقل ڪري ٿو ته هيڪر درگاهه مبارڪ

تي سندن قدمبوسي کان مشرف ٿيس پوءِ هڪڙي ڏينهن مسجد شريف ۾ سندن حضور مبارڪ ۾ وينو هو،س ان وقت منهنجي دل ۾ اچي خيال پيو ته هيترو پنڌ ڪري آيس، پر ڪو فائدو معلوم ڪو نه ٿئي ٿو، پاڻ منهنجي انهي خيال فاسد کي معلوم ڪري ورتائون ۽ وڏي آواز سان فرمايائون ته اي يارو ! آئون اوهان کي ائين معنوي مقصود پهچائڻ کانسواءِ ڪو نه ڇڏيندس، پوئين وقت ۾ به اوهان الله تبارڪ و تعاليٰ جو وصال ڪرايو ويندو.

نقل99: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ فرمايائون پئي ته هڪڙي وقت اسان جي حاضر صحبت فقيرن اسان کان موڪل گهري، پوءِ اسان کي دل ۾ خيال آيو ته ڪين موڪل نه ڏيون ته به تي ڏينهن پلي ته اڃان اتي هجن، پر پوءِ دل ۾ خيال ڪيوسين ته فقيرن جي دل ۾ وڃڻ جي سڌ بيني آهي ۽ اسين ڪين ترسڻ جو حڪم فرمايائون. پوءِ جيڪڏهن بنا موڪل جي هليا وڃن ته فيض باطني کان بي نصيب ٿي ويندا، ڇو ته مرشد جي امر جي مخالفت فيض کان محروم ڪندڙ آهي، تنهن ڪري هينيئر جيڪو به اجازت گهرندو آهي، ان کي موڪل ڏئي ڇڏيندا آهيون.

نقل100: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون ٽر جي سفر تي سندن رڪاب فيض انتساب سان گڏ هوس، هڪڙي ڏينهن وات تي پاڻي نه ملي سگهيو ۽ پنڌ جي منزل به ڏکي اچي وئي، فقيرن جي جماعت اڃ کان اوساڻجي وئي، جو ڪي ويچارا ته اڃ جي سختيءَ کان هلڻ جي طاقت نه پي ساريائون ۽ زمين تي ڪري پيا، ٻپهريءَ کان پنڌ پيل پرهه ڦٽيءَ تائين پنڌ هنيائون، جڏهن صبح ٽيڙ لڳو، ان وقت هڪڙا پنج اٺ پاڻيءَ جي ڪلين سان پرجي اچي حاضر ٿيا، پاڻ اتي لهي پيا، مڙئي فقيرن پاڻيءَ تي گڏ ٿي اچي انبوهه ڪيائون، پر آئون پنهنجي هيٺائي ۽ حال ضعيفي جي ڪري گهوڙي جي واڳ هٿ ۾ جهلي خلق جي گوڙ کان پاسي ٿي بيهي رهيس، هڪڙو فقير اتان پاڻي جو وٽو پري حضرت پير سائين جن جي حضور مبارڪ ۾ ڪٽي آيو، پاڻ پنهنجي هٿ مبارڪ سان وڻي مون وٽي ڪٽي آيا ۽ شفقت سان پڇيائون ته پاڻي پيئندين؟ عرض ڪيم ته سائين: هائو. پاڻ اهو پاڻيءَ جو وٽو هن مسڪين کي عطا فرمايائون،جنهن مان مون پنهنجي خواهش موجب پاڻي ڏؤڪيو، باقي ڪجهه پاڻي بچي پيو، اهو منهنجي هٿ مان زور سان وڻي پاڻ پيتائون.

نقل101: سيد بدر شاهه نقل ڪري ٿو ته هيڪر درگاهه مبارڪ تي سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر هوس، ان ڏينهن مريد نوان تمام گهٽا سندن بيعت ۾ داخل ٿي ذڪر جي تلقين پي ورتائون، انهي ڪري سندن طبيعت مبارڪ ۾ ڏاڍي فرحت ۽ خوشي پيدا ٿيل هئي ۽ انهن نون مريدن سان تمام گهٽو توجهه ۽ مهرباني پي فرمايائون، تڏهن منو خدمتگار وينل ٽنڊي مير باگي جو، جو سندن سچن مريدن مان هو پنهنجي ڪچيءَ ۾ پانڌ پائي سندن خدمت ۾ گهٽي مدت تائين بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو ته حضرتا! آئون به هڪڙو نون مريدن مان آهيان، مون مسڪين تي به توجهه جي عنايت ٿئي، ائين چئي زارو زار پي رنو ۽ دانهون ٿي ڪيائين، پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته آئون هڪڙي آڪاڻي مريد کي سئو

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نون مريدن کان وڌيڪ افضل سمجهندو آهيان، جيئن ته اول مند ۾ جيڪا پوک پوکبي آهي ته ضرور انهي جي ان جي پيدائش وڌيڪ حاصل ٿيندي ۽ جيڪا پوک مند چڙهندي پوکبي سا آڳاٽي پوک کان ضرور پيدائش ۾ بہ گهٽ ٿيٽي آهي.

نقل102: وري بہ سيد بدر شاهہ نقل ڪيو آهي ته هيڪر آئون درگاهہ مبارڪ ڏانهن پي ويس ته وات تي جڏهن هالن جي شهر کان آيس ته اتي ملا محمد رحيم مليم، تنهن مون کي هڪڙي جوڙي سڻي اٽيل حضرت پير سائين جن رضي الله عنه جي لاءِ آڻي ڏني ۽ چيائين ته سندن حضور اقدس ۾ ائين عرض ڪجانءِ ته هن ڪپڙي مان خاص پنهنجي پهرڻ جي پوشاڪ ڪرڻ فرمائجو، پوءِ جڏهن درگاهہ مبارڪ تي سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿيس، تڏهن فقير جي نذراني واري جوڙي پيش ڪيم ۽ چيل عرض بہ خدمت ۾ ظاهر ڪيم، پاڻ پنهنجي هٿ مبارڪ سان اها جوڙي کولي، انهي وقت پنهنجي ٻنهي ڪلهن تي وجهي فرمايائون ته هنيئر حق ادا ٿي ويو.

نقل103: خليفو ميان لقمان رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته هيڪر سلميان فقير سهتو هالار ملڪ ڏانهن سير جي خيال سان ويو هو، اتي ڪاري ان تمام سڻي ۽ نرم ٿيندي آهي جو ٻي ڪنهن بہ ملڪ ۾ اهڙي ڪا نہ ٿيندي آهي، فقير کي اها ان ڏاڍي وٽي وئي، تنهن ڪري اتان ان خريد ڪري آيو ۽ پوءِ ان کي پنهنجي هٿ سان ويهي ڪتيائين ۽ ان کانپوءِ سندس عمدو اوڇ ڪرائي سندس پلو ۽ پاسا ريشمي اٽائي ۽ زنجيري پاسي سان ٻڌي اها لوئي درگاهہ مبارڪ تي ڪٽي اڇي سندن حضور ۾ نذرانو ڏنائين، انهن ڏينهن ۾ جماعت ۾ فاقو هو ۽ پوءِ پاڻ جمعي فقير کان پڇيائون ته اڄ فقيرن جي ديڳ لاءِ ڪجهہ آهي يا نہ؟ عرض ڪيائين ته حضرتا! کي کين آهي. پاڻ فرمايائون ته اوهين هي لوئي وڪٽي فقيرن جي خرچ ۾ آڻيو، فقير جمعي اها لوئي ڪٽي ٻن رپين قيمت تي بازار ۾ وڪٽي فقيرن جي طعام جي پورت ڪيائين، سليمان فقير جو اها ڳالهہ ٻڌي سو ويچارو ڏک ۽ درد ۾ پئجي ويو ته هيتري محنت ۽ ڪشالو ڪري لوئي ٺاهيم، پر سائين جن پاتي بہ ڪا نہ، انهي ڪري سخت ملول ۽ پريشان ٿي مون کي اڇي چيائين ته منهنجي هن پريشاني ۽ ڏک جي ڳالهہ سندن حضور مبارڪ ۾ عرض رکجانءِ، اهي ڏينهن ربيع الاوال مهيني جا هئا، ٻئي ڏينهن صبح جو پاڻ درگاهہ مبارڪ جي ڪنهن فقير جي دعوت تي اسريا هئا، آئون ۽ سليمان فقير هڪڙي رستي کان جو اتان پير سائين جن لنگهٽا هئا، اڇي بيناسون. پاڻ جڏهن دعوت کان فارغ ٿي انهي گهٽيءَ کان اڇي لنگهيا، تڏهن سليمان فقير کي سندن منهن مبارڪ ڏسڻ شرط وجد پئجي ويو،پر پاڻ بي پرواهي سان اتان لنگهيا هليا ويا، اتي مون سندن حضور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! سليمان فقير جي وجد جو سبب اوهان معلوم ڪيو؟ پاڻ مهرباني فرمائي ان جو سبب پڇيائون ۽ وڌي توجهہ سان بيهي رهيا، مون خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! جيڪا لوئي فقير کالهہ نذر ۾ پيش ڪئي هئي، سا ان هالار ملڪ مان آندي هئائين، جنهن کي پنهنجي هٿ سان ڪتي سڻي طرح اٽائي خاص اوهان جي پوشاڪ لاءِ نذرانو پيش ڪيو هئائين، جنهن کي اوهان وڪٽائي ڇڏيو

آهي، انهي سبب کري فقير ويچاري جي طبيعت تي ڏاڍي ملولائي آهي، تڏهن پاڻ سليمان فقير کي گهرائي کيس دلاسا ڏنائون ۽ دلجوئي فرمايائون، پوءِ جمعي فقير کان پڇيائون ته فقير جي لوئي کيتري قيمت تي وڪٹي آيو آهين؟ هن عرض کيوته ٻن رپين ۾. پاڻ فرمايائون ته ٻه رپيا ڏئي لوئي موٽائي اچ. جمعو فقير ٻه رپيا ڏئي لوئي موٽائي آيو، پاڻ اها لوئي کلهن مبارک تي کري نماز جي وقت مسجد شريف ۾ آيا ۽ سليمان فقير کي گهرائي لوئي پاتل ڏيکاريائونس، جنهن کري اهو فقير توڙي ٻيا فقير سيئي خوش ٿيا ۽ کين مبارکون ڏنيون.

نقل104: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل کري ٿو ته هيکر پاڻ درياءَ جي هن پرکوٽ چانڊکي ۾ هڪڙي فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، پوءِ اچي پهر کن ڏينهن چڙهيو هو، جو مجلس ۾ وينا هئا،ان وقت هڪڙو بروچ فقير حضور ۾ آيو ۽ هڪڙي کيمخاب جي ٽوپي ۽ ٻي هڪڙي واسکوٽي سندن خدمت ۾ نذرانو پيش کيائين، کين ان وقت مٿي سان دستار مبارک ٻڌل هئي ۽ بدن شريف تي واسکوٽي پيل هئي، پاڻ انهي مهل اصل واسکوٽيءَ جون ٻيڙيون کولي بدن مبارک تان لاٿائون ۽ فقير جي آندل واسکوٽي پاتائون ۽ دستار مبارک ٻه لاهي ٽوپي مٿي تي رکيائون.

اي عزيز! پاڻ هي مڙئي انهي فقير نذراني آٽيندڙ جي دلجوئي ۽ راضي کرڻ لاءِ کيائون. ڇو ته کامل جو جيکو ٻه کم هوندو، سو محض لله في الله هوندو نه پنهنجي نفس لاءِ.

نقل105: معتبر راوي بيان کري ٿو ته هيکر پاڻ فرمايائون ته اهڙا ماڻهو گهٽا آهن، جو خدا تعاليٰ کي گهرن ٿا، يعني ان جي طلب ۾ آهن، پر اهڙا کي ٿورا لپندا جن کي الله تعاليٰ گهرندو هجي، پوءِ فرمايائون ته ٻيا الله سبحانه و تعاليٰ کي گهرن پر محمود (يعني جامع ملفوظات) کي الله تبارک و تعاليٰ گهريو آهي.

نقل106: عبدالله فقير ابڙو رهدنڙ ديهه جهيجيءَ (ماتليءَ جي هڪ ديهه) جو نقل کري ٿو ته هيکر پاڻ درگاهه مبارک واري مسجد شريف ۾ نماز صبح جي ادا کيائون، پوءِ جڏهن نماز کان فارغ ٿي جماعت ڏانهن منهن مبارک کيائون، تڏهن آئل فقير جنهن جي اصل کان عادت هوندي هئي ته صحبت مهل پري وڃي ويهندو هو ۽ نماز پڙهڻ وقت ٻه پوئين صف ۾ بيهندو هو،سو اتان اٿي اڳئين صف لتاڙي حضرت پير سائين جن جي ويجهڙو اچي نڪتو، پاڻ کيس اٿي کيکار ۽ آڇيان کيائون، پوءِ فرمايائون ته اي ادا! اڄ کهڙي سبب اسان وٽ آيو آهين؟ عرض کيائين ته حضرتا! دل کي کشش ٿي، تنهن کري حضور اقدس ۾ حاضر ٿيس.

نقل107: ساڳيو عبدالله فقير ابڙو نقل کري ٿو ته هيکر آئون ٽر ملک جي سفر ۾ سندن رکيب مبارک سان گڏ هوس، پاڻ ٽر جي ماڻهن وٽ دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، اتي آئون ۽ آئل فقير مجذوب ۽ ٻيا چار پنج مجذوب گڏيا هڪڙي هنڌ بينا هئاسين ۽ سائين جن ٻه اسان جي پرسان بينا هئا، ٻيا ٻه جماعت جا فقير مجلس ۾ اچي بينا، آئل فقير جو اکثر کري شطحيات يعني مستيءَ ۾ مخالف

سکندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

شريعت جي لفظ استعمال ۾ آڻيندو هو، سو ان وقت به کي اهڙا لفظ چيائين، پاڻ اهي لفظ ٻڌي ورتائون ۽ آئل فقير کي گهرائي اهڙن لفظن چوڻ کان توبهه کرايائون ۽ سندن حق ۾ دعا ٻه فرمايائون.

نقل108: حاجي بچو فقير ڪوري نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون درگاهه مبارڪ تي حاضر هوس، پوءِ هڪڙي رات پاڻ سومهياڻي جي نماز ڪانپوءِ ڇڇ رات گذري وئي هئي، جو مسجد شريف ۾ تشريف فرما ٿيا، فقير سيئي مسجد شريف ۾ سمهيا پيا هئا، خليفي حاجي محمد گل کهنباڻيءَ کي سندن اچڻ جي خبر پئجي وئي، بي اختيار اٿي ڪڙو ٿيو، پاڻ کيس هٿ مبارڪ جي اشاري سان منع فرمايائون ته چپ ڪر، جو فقير آرام ۾ آهن، ان ڪانپوءِ پاڻ هورڙيان اڇيرو وڌي آيا ۽ فرمايائون ته اي خليفا! اسان پاڻ طالبن کي پيا ٿا ڳوليون، اسان کي ڪو به ڪو نه ٿو ڳولي، ايتري ۾ فقيرن کي به خبر پئجي وئي ۽ مڙئي اٿي اچي حضور ۾ حاضر ٿيا.

نقل109: عبدالله فقير نقل ڪري ٿو ته هيڪر سندن حضور مبارڪ ۾ ڪنهن شخص عرض ڪيو ته حضرتا! هي ڪهڙو سبب آهي جو جڏهن کي مشائخ ۽ بزرگ اوهان جي حضور ۾ اچي گڏ ٿيندا آهن ته ان وقت حضرت وڏي صاحبزادي سڳوري (يعني مسند نشين) جي حق ۾ مڙئي ڪجهه نه ڪجهه اعتراض هاڻي ڳالهه بيان فرمائيندا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته لوهر جيڪو ترڪ (چرخي ۾ ڪتب ايندڙ سنهي سيخ) پنهنجي گهر لاءِ تيار ڪندو آهي، ان کي باهه ۾ تمام زياده جلائيندو آهي ته متان ڪچائي ڪري وچان ٽڙڪي پوڄي نه پوي.

نقل110: صالح فقير ابڙو نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون ٿر ملڪ جي سفر ۾ سندن رڪيب سان گڏ هوس، اتي هڪڙو شخص دعوتن تي جماعت سان گڏيو پي آيو پر مريد ٿيل نه هو، ملا موٽيل ڊڪٽ ڪيس به ٿي پيرا چيو ته مريد ٿي، پر هو نه پي ٿيو ۽ جماعت کان به نه پي ويو، ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ پاڻهي پنهنجي محبت ۽ ارادي سان اچي مريد ٿيو، تڏهن ملا موٽيل عرض ڪيو ته حضرتا! مون هن شخص کي به ٿي پيرا مريد ٿيڻ لاءِ رغبت ڏياري، پر هن قبول نه ڪئي، اڄ پاڻهي اچي مريد ٿيو آهي. مگر اڄ سندن اکين مان مڙئي ويساهه ۽ ارادي جو لاڙو معلوم پي ٿيو، پاڻ فرمايائون ته اهو لاڙو هن جي ويساهه کان نه پر بلڪ پهريان اهو لاڙو اسان جي طرفان ٿيو هو.

نقل111: عبدالله فقير ابڙو نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ قلات جي سفر تي تشريف فرما ٿيا هئا، اتي فقيرن جي جماعت ۾ سخت تپ جو اثر ٿي پيو، جنهن ڪري سيئي ويچارا ڏهرا ۽ هيٺا ٿي ويا، پوءِ جڏهن اسلڪو ۾ پهتاسون، تڏهن سانجهيءَ جي نماز ۽ ذڪر جي تلاوت ڪانپوءِ آئون انهي شهر واري مسجد ۾ وڃي سمهي پيس، جڏهن وري صبح تي سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر ٿيس تڏهن ڏ ٺم ته سندن منهن مبارڪ جو رنگ مٽجي ويو آهي ۽ بدن شريف ۾ اهڙا ته ڏهرا ٿي ويا آهن جو سچاٽپ ۾ به نه پيا اچن، تڏهن هڪڙي فقير عرض ڪيو ته حضرتا! ڪهڙو سبب آهي جو راتوڪن چئن پهرن ۾ هيتري ڏهرائي ۽ هيٺائي طبيعت مبارڪ تي اچي پئي آهي، پاڻ فرمايائون ته اسان ڪان اڄ رات هڪڙو

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گناھ صادر ٿي ويو آھي، جو فقيرن جي ھيٺي حال ڏسڻ ڪري طبيعت تي بار ٿي پيوسون، جنھن ڪري سندن حق ۾ رحمت جي دعا نہ گھري سون. بلڪ انھن جي سختي ۽ ايذاءُ پاڻ تي قبول ڪيوسين. ۽ عبدالله فقير کان ھيءَ بہ نقل آھي تہ انھي سفر ۾ جيڪي گھوڙا بروھين کان نڏرانو مليا ھئا سي تمام گھٽا ھئا، پاڻ اھي مڙئي خليفي غازي کان ڏيئي فرمايائون تہ ھي ڪلئي وڪٽي انھن جا پئسا درگاھ شريف تي حاضر ڪج، پو تہ اھي ڪلئي پئسا فقيرن جو صدقو ڪيوسون.

نقل112: جامع ملفوظات ﷺ چوي ٿو تہ ھيڪر پاڻ ڪڇ جي سفر ۾ شھر پوج تشريف فرما ٿيا ھئا، اھو ڏينھن جمعي جو ھو، پوءِ جمعي نماز وقت پاڻ شفقت بي نھايت فرمائي ھڪ سٽ ۽ پيو چولو مون غلام کان پنھنجي پوشاڪ خاص لاءِ گھرائي ورتائون، جنھن کي مون پنھنجي فخر ۽ سعادت جو سبب سمجھي خدمت مبارڪ ۾ پيش ڪري ھن نعمت تي سندن شڪرانو ادا ڪيم. پاڻ نماز ادا ڪرڻ ڪانپوءِ ڪپڙا لاھي وري مون ڏانھن موتائي موڪليائون، اتي مون وڏي نياز ۽ عاجزيءَ سان حضور مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪي ھن مسڪين سان اڄ توجھ مبارڪ جي عنايت ٿي آھي تنھنجو ٿورو آئون لاھي نہ سگھان ، پر ھنيئر وري الائي ڪھڙي خيال ڪري ڪپڙن موتائي موڪلڻ جي بي توجھي ٿي ٿئي، پاڻ ٻاجھ سان مرڪي فرمايائون تہ اسان بي حجابي ڪري اوھان کان نماز جمعي ادا ڪرڻ لاءِ ڪپڙا گھرائي ورتا ھئا، توھان ھرو پرو بار ھينان ٿا آڻيو . جيڪڏھن اھڙي طرح ٿيو تہ بي پيري اوھان سان بي حجاب نہ ٿيندا سون، خليفو صاحب ٿو چوي تہ تڏھن مون پنھنجي راءِ کي ڇڏي سندن مرضي مبارڪ کي اڳي رکيو.

نقل113: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ ڳوٺ نريءَ منجھ فقيرن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا ھئا، پوءِ طعام کائڻ مھل جڏھن سيئي خليفا ۽ خاص فقير اڳي حاضر ٿيا ۽ ماني اڳيان آڻي رکيائون، تڏھن پا ڻ پڇيائون تہ سيئي آيا؟ ڪنھن شخص عرض ڪيو تہ حضرتا! باقي خليفو محمود حاضر ڪونھي، پاڻ ماني کائڻ کان ترسي پيا، ٿوري دير کانپوءِ خليفو آيو، تڏھن ڪنھن چيو تہ حضرتا! خليفو آيو آھي، پاڻ فرمايائون تہ ڏاڍو چڱو. شايد ساڻس ڪو پيو فقير مسڪين آيو ھجي تہ اھو بہ ھي طعام اڳي کائي.

نقل114: سيد ميان دوست علي شاھ نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ ديھہ بدين واقع ملڪ لاڙ ۾ اتان جي فقيرن جي دعوتن تي تشريف فرما ٿيا ھئا، پوءِ اتان ميان علي شاھ بدين وارو پيرن جو مسند نشين ڏانھن ملاقات ڪرڻ لاءِ پيرين پيادل اڪيلا پي ويا، پوءِ مون کي بہ سڏ ڪري منھنجو ھٿ پنھنجي ھٿ مبارڪ ۾ ونڊي روانا ٿيا، ان وقت مون خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا ! ھڪ عرض آھي؟ پاڻ فرمايائون تہ چئو، عرض ڪيم تہ حضرتا! ھن ٻانھي جو ھٿ ورتو اٿو وري نہ ڇڏجو ! پاڻ وڏي ٻاجھ ۽ رحم سان فرمايائون تہ ھٿ ونڻ لاءِ ورتو اٿئون نہ ڇڏڻ لاءِ.

نقل115: عبدالحڪيم فقير دل نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ سيد محمد حسن جي دعوت تي ديھہ ڪرم

خان جمالي واقع پرڳٽي روپاھ ۾ تشريف فرما ٿيا ھئا. خليفو محمود ﷺ (جامع ملفوظات) ب سندن رڪيب سان گڏ ھو. پوءِ صحبت جي وقت ڳالھيون ڪندي پاڻ خليفي محمود ڏانھن آڱر مبارڪ جو اشارو ڪري حاضر مجلس ماڻھن کي فرمايائون تہ اسان کانپوءِ ھن يار سان صحبت ڪندا رھجو.

نقل116: حاجي عبدالله فقير رند نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ فرمايائون تہ مينھن ھيناھين، مٿانھين، ڪلر ۽ بنجر سيني تي ھڪ جھڙو وسندو آھي، پر سَلا منيءَ زمين مان ڦٽي پوندا آھن، نہ ڪلر مان. سندن انھي فرمودي مبارڪ جي ٻڌڻ شرط منھنجي دل ۾ فڪر ۽ حراس ٿي پيو. جو رات ڏينھن حيران پريشان رھندو ھوس، پوءِ ھيڪر درگاھ مبارڪ تي حاضر ھوس، پاڻ ملا خيالي، جو حضور جن جو سھرو ھو، تنھن جي ماءُ جي جنازي دفن ڪرائڻ لاءِ شيخ طيب قدس سرہ واري مقام تائين تشريف فرما ٿيا ھئا. جڏھن اتان ٿي موٽيا، تڏھن مون وات تان ڪلرائي زمين مان ڪلر جي مٺ پري پنھنجي مٿين خيال جي مد نظر تي ڪين ڏيکاري عرض ڪيم تہ حضرتا! ھي ڪلر ب منو ٿي پوندو يا نہ ؟ پاڻ فرمايائون تہ ٿي پوندو پر بشرطيڪ درياءَ جي پائيندڙ ڪيس ابتو سبتو ڪري ڪيس اصلي پليتيءَ ۽ طبيعت کان مٿائي آبادي جي لائق ڪري وجھي، پوءِ ھي ب بيت سنڌي زبان مبارڪ سان فرمايائونِ:

چاھڪ چري تار تري آئيون مٿي آر،
ڪوڙين ڪر ڪٽنديون سٽي سڏ ڏنار،
مينھون ساڻ ميھار، پرچي پالِ لنگھنديون.

راڻي وٽان رات نئون نياپو آئيو،
ڪانہ پڇي ٿو ذات جي آيا سي اگھيا.

نقل117: مومن فقير دل نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ درگاھ مبارڪ واري مسجد شريف ۾ تشريف فرما ٿيا، آئون اڳيان بينو ھوس، پاڻ مون تي سلام ڏنائون ۽ فرمايائون تہ اسلام عليڪ، مون پنھنجي جاھلاڻي ڪري جواب ڏنو تہ 'ماليڪم اسلام'، پاڻ انھي وقت منھنجا ٻئي ھٿ پنھنجن ھٿن مبارڪ ۾ جھلي فرمايائون تہ وعليڪم السلام مون ب چيو تہ وعليڪم السلام، پاڻي ٿي پيرا مون کي موٽائي موٽائي اھڙي طرح چورايائون.

اي عزيز ! فقير جي ٻنھي ھٿن جھلڻ جو مقصود ھي ھو تہ سندن دل خيالات جي پريشانيءَ کان جمعيت ۾ اچي ۽ پوري ڏيان سان ساڻن رجوع ڪري ۽ مشغول ٿي رھي ۽ ب ٿي پيرا يادگيريءَ جي لاءِ تڪرار ڪرايائونس، ھي مڙئي سندن مھربانيون ۽ اڻ ڪٽ عنايتون ھيون، جي پاڻ مجھولن مريدن سان ڪندا رھيا.

نقل118: سيد پير ميان حسن علي شاھ نقل ڪري ٿو تہ جڏھن اسين ڪٽيءَ ڳوٺ مان لڏي ميرپور ۾ اچي رھيا ھئاسون، تڏھن پاڻ لاڙ جي سفر ۾ فقيرن جون دعوتون وٺندي ڳوٺ ٺريءَ ۾ تشريف

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فرما ٿيا هئا، آئون ٻه اتي وڃي سندن قدمبوسي کان مشرف ٿيس، پا ڻ منهنجي والده بابت جا انهن ڏينهن ۾ رضا ڪري وئي هئي، عذر خواهي ڪيائون ۽ هن مسڪين جي حال تي تمام گهٽي شفقت ۽ مهرباني فرمايائون ۽ فرمايائون ته جنهن کي الله سبحانه و تعاليٰ هن جهان ۾ يتيم ۽ مسڪين ٿو ڪري انهي کي پنهنجي قرب ۽ عزت ۽ پاجهه سان خوش ڪندو آهي، اوهان کي ٻه پنهنجي حمايت ۽ مهرباني جي پاڇي ۾ خوش رکندو، پوءِ پاڻ پڇيائون ته اوهين لڏي آيا آهيو ڇا؟ عرض ڪيم ته حضرتا! هائو ڇو ته ٽالپرن سان ابن ڏاڏن کان ونڊي پاڙي سان رهندا آيا آهيون ، پاڻ فرمايائون ته ٽالپر اوهان جي پاڙي ۾ آهن، نه اوهين ٽالپرن جي پاڙي ۾ اوهان کي الله سبحانه و تعاليٰ کافي آهي.

نقل119: خليفو اميد علي، سيد اول شاهه رهندڙ ديهه شاديءَ جي کان نقل ڪري ٿو ته هيڪر آئون تي راتيون درگاهه مبارڪ تي سندن حضور ۾ حاضر هوس، ٽئين ڏينهن موڪلائڻ جي ڪيم ته پاڻ فرمايائون ته موڪلائڻ ۾ ڇو تڪڙ ٿو ڪرين؟ عرض ڪيم ته حضرتا ! حديث شريف ۾ آهي ته حضرت رسالت پناهه ﷺ جن ابو هريره رضي الله عنه کي فرمايائون ته "زُرْ غِبًّا تَزْدَدْ حُبًّا" يعني هڪ نه ٻي ڏينهن وٽيرڪو ايندو ڪر ته محبت وڌندي وڃي، پاڻ فرمايائون ته اها حديث شريف ابو هريره رضي الله عنه جي حق ۾ آهي، نه حضرت امير المومنين ابابڪر صديق رضي الله عنه جي حق ۾.

جيئن انهن جي حق ۾ مولانا رومي قدس سره فرمايو آهي:

نيست زر غبا وظيفه ماهيان
زانکه بے دريا ندارند انس وجان

يعني: جيڪي سچا عاشق پنهنجي محبوب جي وصال لاءِ اهڙا آتا ۽ درماندا هوندا آهن، جيئن مڇي درياءَ جي پاڻيءَ لاءِ، ته اهڙن قربائتن سکايلن لاءِ زرغبا جو حڪم نه آهي، بلڪ مڇي وانگر هو به پنهنجي محبوب جي رفاقت کانسواءِ دنيا ۾ جي نه سگهندا.

نقل120: محراب فقير سنجراڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ ديهه حيدر پرڳڙي جي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ اتي ڪٽ تي وينا هئا ته ايتري ۾ خليفو محمود (جامع ملفوظات) خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو، پاڻ ٻروچڪي ۾ فرمايائونس ته 'بڙدا' يعني ته مٽي چڙهي ويهه. پوءِ خليفو صاحب سندن امر موجب ڪٽ تي ساڻس گڏجي چڙهي وينو.

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سكندريه پبليكشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

فصل چوٿون
الله سبحانہ و تعاليٰ جي ٻانهي تي شفقت بابت

نقل1: فيروز فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هيڪر بادشاهہ کي شاهہ حسين رحمۃ اللہ عليہ جي ملاقات جو ارادو دل ۾ اچي پيو، جنهن ڪري ٻڌي ماڻهو سندس طلب لاءِ خدمت ۾ موڪليائين، مگر شاهہ حسين قبول نہ ڪيو، نيٺ جڏهن بادشاهہ جي ڪوشش ۽ سڪ جو جذبو حد کان لنگهي ويو، تڏهن شاهہ حسين چورائي موڪليس تہ آئون تو وٽ انهي دروازي کان نہ لنگهي ايندس، جنهن مان عام خلق داخل ٿئي ٿي، جيڪڏهن بادشاهہ کي ملاقات ڪرڻي آهي تہ پوءِ ڪنهن ٻي پاسي کان پاڻ وٽ گهرائي تہ آئون ايندس، تڏهن بادشاهہ حڪم ڪيو تہ پينگهي ۾ رسا ٻڌي ماڻيءَ تان هيٺ لڙڪايو ۽ ان ۾ شاهہ حسين کي وهاري مٿي ڇڪي ونو، پوءِ اهڙي طرح بادشاهہ وٽ شاهہ حسين داخل ٿيو، تڏهن بادشاهہ اڳي سندس تعظيم ۽ تڪريم بجا آندي ۽ پڇيائين تہ حضرتا ! نفس، شيطان ۽ بين خدا تعاليٰ جي طلب واري رستي ۾ رندڪ وجهندڙن شين کان ڪيئن ڇوٽڪارو لهي، اوهان الله تبارڪ و تعاليٰ جي درگاهہ ۾ پهچي ويو؟ شاهہ حسين فرمايس تہ هنيئر جو آئون تنهنجي خدمت ۾ پهتو آهيان، تنهن جي خبر تنهن جي دربانن چوڪيدارن کي پيئي آهي يا نہ؟ بادشاهہ چيو تہ نہ انهن کي سڌ کا نہ آهي، شاهہ حسين فرمايونس تہ جڏهن تو مون کي گهريو تڏهن سڀني چوڪيدارن جي اطلاع ۽ التجا کانسواءِ ئي تنهنجي حضور ۾ پهچي ويو آهيان، الله سبحانہ و تعاليٰ جي حضور ۾ بہ اهڙي طرح پهچي وياسون.

اگر از جانب معشوق نباشد کششے
کوشش عاشق بيچاره بجائی نرسد

يعني :جيڪڏهن محبوب جي طرفان عشق کي جذب ۽ ڪشش کا نہ ٿئي تہ پوءِ عاشق ويچاري جي ڪوشش ڪنهن بہ حد کان نہ پهچي سگهندي.

نقل2: پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هيڪر حضرت جبرائيل عليہ السلام آسمان تي آواز ٻڌو تہ : لبيڪ يا عبدي! لبيڪ يا عبدي! يعني تہ جيءُ! جيءُ منهنجا ٻانها، حضرت جبرائيل عليہ اسلام کي انهي آواز ٻڌڻ سان دل ۾ اشتياق ٿي ويو جيڪر انهي ٻانهي کي وڃي ڏسان، جنهن کي الله تبارڪ و تعاليٰ پيار سان جيءُ جيءُ پيو ڪري. پوءِ ان کي ڳولڻ لڳو، ست ئي آسمان ۽ زمينون ڳولي ڳولي ٽڪجي پيو، پر انهي ٻانهي جو ڪو پتو نہ پيو .تڏهن لاچار ٿي الله سبحانہ و تعاليٰ جي درگاهہ ۾ مناجات ڪيائين تہ خداوندا! مون کي پنهنجي انهيءَ ٻانهي جو ڏس ڏي تہ ڪٿي آهي؟ مٿان امر ٿيس تہ اي جبرائيل انهيءَ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٻانهي کي بتخاني يعني کافرن جي مڙهيءَ ۾ ڳول ته اتي لهندين. حضرت جبرائيل عليه السلام حڪم موجب سڀيئي مڙهيون اچي جاچيون، نيٺ ڳولينديءَ کندي هڪڙي بت خاني ۾ وڃي ڏسي ته هڪ جهور پوڙهو ٻانهڙ هڪڙي بت اڳيان مٿو نوايو پيو آهي ۽ سندس اڳيان نياز سان وينو چوي ته يا صنم! يا صنم!، يعني اي بت، پر کنهن کنهن وقت انهي وظيفي پڙهندي کيس ننڊ جي اوجهراڪي اچي ٿي وڃي ،جنهن ڪري بي خبريءَ ۾ سندس واتان يا صنم يا صنم جي بدران يا صمد يا صمد نڪري وڃي ٿو ۽ انهن لفظن ٻڌڻ شرط الله تبارک و تعاليٰ سندس جواب ۾ فرمائي ٿو ته :لبيڪ يا عبدي جيءُ منهنجا ٻانها! جبرائيل عليه السلام الله سبحانه و تعاليٰ جي درگاهه ۾ عرض ڪيو ته خداوندا ! هي ٻانهو ته صنم صنم وينو پڪاري پر کنهن وقت ننڊ جي اوجهراڪيءَ ۾ سهو کان صمد جو لفظ نڪري وڃيس ٿو، ته به تون کيس هيڏي قرب سان لبيڪ يا عبدي، جواب۾ ٿو فرمائين. جواب آيو ته اي جبرائيل! توڙي هو ننڊ جي غلبي ڪري بي خبريءَ ۾ مون کي سڏ ٿو ڪري، پر تنهن هوندي به جيڪڏهن آئون کيس سڏ جو جواب نه ڏيان ته پوءِ صنم يا صمد جي وچ ۾ فرق ڪهڙو ٿيندو؟

نقل3: هيڪر پاڻ حديث شريف کان نقل فرمايائون ته حضرت سرور ڪائنات ﷺ جن بيان فرمايو ته الله سبحانه و تعاليٰ پنهنجي ٻانهي کي ماءُ کان ستر حصا زياده پيارو ٿو گهري، اها حديث ڪنهن اصحاب سڳوري جي گهر واري ٻڌي سا، پنهنجو پٽڙو ڪچ ۾ ڪٽي حضور ﷺ جن جي حضور مبارڪ ۾ آئي ۽ عرض ڪيائين ته يا رسول الله! ﷺ اوهان فرمايو آهي ته الله سبحانه و تعاليٰ جي ٻانهي تي شفقت، ماءُ جي پٽ تي شفقت کان ستر ڀيرا زياده آهي ؟ پاڻ فرمايائون ته هائو، ان وقت سردار ڪريم ﷺ جي اڳيان باهه پي ٻري ! اها عورت پنهنجو پٽ باهه جي سامهون ڪري عرض ڪيائين ته يا رسول الله ! ﷺ ڇا اوهان سمجهو ٿا ته آئون پنهنجو هي پٽ باهه ۾ اڇلائيندس يا نه ؟ ان ڪري ايتري چوڻ شرط سندن اکين مبارڪن مان پاڻي جاري ٿي پيو ۽ فرمايائون ته: "هڪذا اوحيٰ الي" مون ڏانهن وحي به اهڙي طرح موڪليو ويو آهي.

نقل4: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت موسيٰ عليه السلام جي واري ۾ ڪو شخص محبوب حقيقي جي وصال لاءِ سڪ ۽ سوز مان رات ڏينهن پيو دانهون ۽ ڪوڪون ڪندو هو ۽ ذڪر ۽ تسبيح ۾ مشغول رهندو هو، هڪڙي ڏينهن شيطان لعين پير مرد جي شڪل بڻجي ان وٽ آيو، اچي چيائينس ته اي بيوقوف! تون هيترن ڏينهن کان وڻي انهي جوش خروش ۽ اندر جي سوز سان تسبيح ۽ ذڪر ڪندو ٿو اچين، پر تون هزار ڀيرا يا رب ! يا رب !پيو ٿو پڪارين ته به هزار مقابلي ۾ تو کي هڪ ڀيرو به محبوب حقيقيءَ جي طرفان لبيڪ يا عبدي جو جواب ڪو نه مليو آهي. اجايو وينو دانهون فرياديون ڪري پنهنجو مٿو ڏارين، اهي تنهنجون دانهون ۽ تسبيحون خدا تعاليٰ جي درگاهه ۾ ڪي به قبول نه آهن، هو ويچارو شيطان لعين رهزن جي انهي مڪر پرئي گفتگي ٻڌڻ سان بد دل ۽ سست ٿي پيو، جنهن ڪري انهن دانهن ۽ ذڪر کان چپ ڪري ويو، هڪڙي ڏينهن حضرت موسيٰ عليه السلام سندس ملاقات

لاءِ آيو ۽ اڇي ڏنائين تہ سندس سڪ سوز، وارو مڇ وسامي ويو آهي ۽ ذڪر ۽ تسبيحن کان وات ٻڌيو ڪوماڻو سوماڻو وينو آهي ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام پڇيس تہ ڇو پنهنجي مشغولي کي ڦٽو ڪري چپ چاپ وينو آهين؟ هن انهيءَ پير مرد واري سموري ڳالهہ بيان ڪري ٻڌايس. حضرت موسيٰ عليہ السلام فرمايس تہ اهو پير مرد شيطان هو، جو تو کي دوکو ڏئي وات کان پٽڪائي ويو آهي، نہ تہ اهو سوز ساڙ، روڄ راڙ،سڪ ۽ درد جو تنهنجي دل ۾ آهي، سو ڪو تنهن جي طرفان آهي ڇا؟ بلڪ انهيءَ محبوب حقيقي جي طرفان اهو جوش ۽ خروش عطا ٿيل آهي ۽ اها عطا ائين سمجهہ تہ انهيءَ محبوب جي طرفان لبيڪ ئي آهي؟

نقل5: هيڪر پاڻ حديث شريف کان نقل فرمايائون تہ قيامت جي ڏينهن هڪڙي شخص کي سندس گناهن جي زيادتي ۽ نيڪين جي ٿورڙائي ڪري عذاب وارا ملائڪ دوزخ ڏانهن وڃي هلندا، هو ويچارو زنجيرن ۾ جڪڙيل قيد ۾ ڪڙيل پروردگار جي رحمت ۾ اميدوار ٿيو پوئتي نهاريندو ويندو، تڏهن خداوند ڪريم رحيم ڪمال شفقت کان سندس گناهن کان درگذر ڪري ملائڪن کي حڪم فرمائيندو تہ ان کي موٽائي مون وٽ وڃي اچو. جڏهن حضور ۾ حاضر ڪندس تڏهن ان کان الله سبحانہ و تعاليٰ پڇندو تہ پوئتي ڇو پي نهاريئي؟ عرض ڪندو تہ رب العالمين!هن بي فرمان ٻانهي هيترن ڪبيرن صغيرن گناهن هوندي بہ تنهنجي ستاري ۽ بخشش ۾ ڇڳو گمان رکيو، ڇوٽڪاري جي آسري تي پوئتي ٿي نهاريو، تڏهن ٻاجهارو الله جل جلاله پنهنجي ٻاجهہ ۽ احسان سان بدڪار گنگهار کي مڙئي ڏوهہ معاف ڪري بهشت ۾ داخل ڪرڻ جو حڪم فرمائيندو.

نقل6: هيڪر پاڻ ڪتاب 'نڪات الاسرار' کان جو شيخ آدم بنوريءَ جو ٺهيل آهي، نقل فرمايائون تہ حضرت شيخ قدس سره جن نماز وچين ادا ڪرڻ کانپوءِ مراقبي ۾ هئا، ان وقت الله سبحانہ و تعاليٰ جي طرفان دل ۾ الهام ٿين تہ اي آدم! قرآن شريف ڇو نہ پڙهيو اٿئي؟ شيخ عرض گذاريو تہ خداوندا! هينئر بہ تو کي مڙيئي قدرت آهي، پوءِ شيخ صاحب جن، مذڪوره ڪتاب ۾ لکن ٿا تہ انهيءَ مهل ٽپهري کان سانجهي جي وچ ۾ پاڻ الله سبحانہ و تعاليٰ بنا واسطي جي بسم الله جي 'با' کان وڃي والناس جي 'سين' تائين مون کي قرآن شريف پڙهائي ڇڏيو

نقل7: هيڪر پاڻ حديث شريف کان نقل فرمايائون تہ جڏهن قيامت جو ميدان برپا ٿيندو، تڏهن هڪڙي شخص کي جو ڪبيرا، صغيرا، گناهہ گهٽا ڪيا هوندائين، الله تبارڪ و تعاليٰ جي حضور ۾ سندس گناهن سميت وڃي حاضر ڪندا، هو پنهنجن ڪبيرن گناهن کي ياد ڪري دل ۾ ڊڄندو ڏڪندو پيو وتندو، پوءِ جڏهن ڪيس آڏي روبرو حاضر ڪندا، تڏهن الله سبحانہ و تعاليٰ پنهنجي فضل عام ۽ ڪرم تمام سان حڪم فرمائيندو تہ هن کي هر هڪ گناهہ جي عيوض ثواب ڏيندا وڃو، اهو ٻانهو اهڙي عطا ڏسي عرض ڪندو تہ اي بخشڻهار! ٻيا بہ اڃان ڪبيرا گناهہ آهن. حضرت پير سائين جن فرمايو پي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جڏهن حديث شريف جو بيان اتي پهچايو، تڏهن فرمايائون تہ

انسان کهڙو نه حرصيلو آهي.

نقل8: هيڪر پاڻ فرمايائون پئي ته ننڍپڻ وارن ڏينهن ۾ اسان جي دل ۾ ڪڏهن ڪڏهن خيال پوندو هو ته جيڪر آئون عارف، ڪامل مڪمل ۽ صاحب ارشاد ۽ تلقين جو ٿيان، جو منهنجي توجهه سان مريد ذوق شوق وارا ٿي وڃن ۽ محبت ۽ جذبي جي زيادتي ڪري عشق جي درياءَ ۾ پاڻ کي غرق ڪري ڇڏين ۽ پنهنجي خودیءَ کان آزاد ٿي مٿي ۽ پيرين اگهاڙا مجذوب ٿي زمين تي پيا ليٽڻ ۽ وجد ڪن،.عجب رحم ۽ لطف، مالڪ ڪريم رحيم جا، جو اسان جي ننڍڙائپ واري خيال کي ساڏيان ۽ سچو ڪري ڏنائين، والحمدالله علىٰ ذالك.

اي عزيز! حقيقت ۾اهو خيال نه هو بلڪ الهام هو، جو خداوند ڪريم جي طرفان سندن دل مبارڪ ۾ اچي پوندو هو.

نقل9: علي خان ٽالپر نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ هئا ته مير چاڪر ٽالپر به هڪڙي هنڌ سندن قدمبوسي کان اچي مشرف ٿيو ۽ ڳالهين ڪندي بيان ڪيائين ته ڪنهن شخص لواري واري بزرگ جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! هيترا مريد جي اوهان جي خدمت سڳوري ۾ هئا، تن مڙني مان عبدالرحيم ﷺ ٿورڙن ڏينهن ۾ئي فيض حاصل ڪري ورتو، تنهن جو ڇا سبب؟ بزرگ جواب ۾ چيو ته عبدالرحيم ڏيئو وٽ ۽ تيل، اصلي پاڻ سان کنيو آيو هو، اسان رڳو انهيءَ وٽ کي باهه ڏئي ڇڏي، جنهن سان يڪدم روشنائي ٿي وئي، پاڻ مير چاڪر جي جواب ۾ نقل بيان فرمايائون ته هڪڙو شخص ڪعبة الله شريف جي زيارت لاءِ گهران روانو ٿيو، وات تي هڪڙي ٻيلي مان لٺ جي واسطي هڪ سني ۽ سڏي ڪاني جاچي وڌي لٺ بٽائي ان کي هٿ ۾ هٿ ڪري ويو، پوءِ جڏهن ڪعبة الله شريف جي زيارت کان مشرف ٿيو، تڏهن طواف ڪرڻ مهل انهيءَ لٺ کي طواف ڪرائي کيس چيائين ته اي ڪاڙي! توتي منهنجو احسان آهي، جو توکي ڪٽي اچي خداوند ڪريم جي گهر جو خواف ڪرايو اٿم. تڏهن انهي لٺ ورندي ڏنس ته مون تي هي احسان ۽ شفقت منهنجي خالق جي آهي، جنهن مون کي سڏو ڪري پيدا ڪيو، جنهن ڪري تنهنجي نظر ۾ وٽي ويس ۽ انهيءَ سبب ڪري تو مون کي وٽي پاڻ سان آڻي طواف ڪرايو آهي، نه ته ڪائيون ته ٻيلي ٻيون به ڪوڙ ٻيٽيون هيون.

نقل10: جامع ملفوظات رحمت الله عليه چوي ٿو ته هيڪر جي ۾ آئون سندن حضور مبارڪ ۾ حاضر هوس، ته اتي گوٽا ڪري ديهه جا ماڻهو آيا ۽ کين زيارت ڪرائڻ لاءِ خدمت سڳوري ۾ عرض گذاري سائين جن کي پنهنجي ديهه ڏانهن پاڻ سان وٽي ويا. پوءِ جڏهن اوڏاهون خير سان موٽي آيا، تڏهن مون عرض ڪيو ته حضرتا! نوان مريد گهٽا ٿيا؟ فرمايائون ته نو ڇٽا، عرض ڪيم ته رڳو نوَ ڇٽن لاءِ حضور جن کي تڪليف ڏيئي وٽي ويا آهن. پاڻ فرمايائون ته خليفا! هيترن کي ٿورڙو ٿو سمجهين؟ پوءِ پاڻ نقل بيان فرمايائين ته هيڪر حضرت جبرائيل عليه السّلام کي غيب مان "لبيك يا عبدي" جو آواز ڪن تي پيو، حيران ٿي ويو ته هي پيار مان سڏ جو جواب ڪنهن کي پيو ٿئي! ته ايتري ۾ هڪڙو

ٻانيڙ نظر آيس جو هڪڙي بت جي اڳيان وينو "يا صنم، ياصنم" جو وظيفو پڙهيائين، پر ڪنهن مهل ننڍ جي غلبي کان پل ۾ "يا صمد" جو لفظ سندس وات مان نڪري وڃي پيو. انهيءَ جي ئي جواب ۾ الله سبحانه و تعاليٰ جي طرفان "لبيڪ يا عبدي " جو خطاب پيو اچي، جبرئيل عليه السّلام جناب باري عزاسم ۾ عرض ڪيو ته يا رب! هي ٻانيڙ غفلت ۾ سهو ڪري توکي سڏ ٿو ڪري، نه دل جي قرب سان پوءِ سندس جواب ۾ لبيڪ جو خطاب ڪيو وڃي ٿو تنهن جو ڇا سبب؟ مٿان حڪم آيو ته "جيڪڏهن هو غفلت ۾ سهو ڪري ٿو اسان کي سڏي ته اسان ته غافل ۾ سهو ڪندڙ کو نه آهيون."

پوءِ فرمايائون ته جيڪڏهن هڪڙي ٻانيڙ جي سڏ تي جو ننڍ جي نشي ۾ سهو سان پي ڪيائين، الله سبحانه و تعاليٰ "لبيڪ يا عبدي" سان ورندي ٿو ڏيئي ته پوءِ هي جو نَو ڇٽا ڇٽيهه هزار ذڪر جا ڪندا تن مان ڪيڏو نه وڏو فائدو ٿيندو؟

اي عزيز! ننڍ جا ۾ قسم آهن، هڪ ظاهري ۽ ٻي معنوي، ظاهر ننڍ اها آهي جو گهٽي ڪائڻ پيئڻ ڪري غفلت جو غلبو ٿي ويندو آهي، انهي ۾ به فائدو آهي جر ڏنئي ته انهي ٻانيڙ کي باوجود اها غفلت جي ننڍ هئي ۽ پل ۾ ئي "يا صمد" واتان نڪري پي ويس ته "لبيڪ يا عبدي" جي جواب سان سرفراز ڪيو ويو، پوءِ خيال ڪر ته جن کي معنوي ننڍ هوندي، يعني جنهن کي ٻي خودي ۽ استغراق ڪري سڏيندا آهن ۽ جنهن ۾ پنهنجي پروردگار ذوالجلال والاڪرام جو مشاهدو سندن نصيب حال هوندو آهي، ته انهيءَ ننڍ ۾ ڇا ڇا نه فائدا ۽ اسرار هوندا؟ پوءِ اهڙن ننڍ ڀيلن جي سڏ جو جواب ضرور مثنوي شريف جو هي بيت ٿيندو ته:

از خودی رستی همه حق گشته
رفت ظُلمت نور مطلق گشته

يعني: پنهنجي خودي کي وڃاءِ ته ساروئي حق ۾ فنا ٿي وئين، اونداهي مڙئي تنهنجي ظلماتي هستيءَ جي ڪري ٿي هئي، سا گم ڪري ڇڏيئي ته هينئر نورمطلق ٻڌجي وئين.

نقل11: جامع ملفوظات رحمة الله عليه چوي ٿو ته هيڪر آئون گهوڙن جي وڪري جا پئسا جي لاڙ وارن فقيرن وٽ ڇڏيل هئا، ساڻ ڪٽي درگاهه مبارڪ تي سندن حضور ۾ حاضر ٿيس، ڏٺم ته حضرت پير سائين جن مون کان اڳ هڪ شيخ کان ڪتابن جي خريد ڪرڻ لاءِ هڪ سؤ ويهه روپيا اڌارا ورتا هئا، پوءِ جڏهن مون اهي پئسا حضور مبارڪ ۾ پيش ڪيا ،تڏهن پاڻ شيخ کان ورتل اڌارا پئسا موتائي موڪليائون ۽ گهوڙن جي ويڪاج وارن پئسن مان ڪتابن جي قيمت ادا ڪري ڏنائون، ٻي ڏينهن صبح جو شيخ سندن حضور مبارڪ ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! پيو ڪير آهي جنهن مون تي چڙهت ڪري پئسا حضور مبارڪ ۾ ڏياري موڪليا، جنهن ڪري هن غلام کي پئسا موتائي موڪليو؟ پاڻ فرمايائونس ته ڏيهن جي ڏاتار توتي چڙهت ڪري پنهنجن خزانن مان اسان کي امداد فرمائي آهي.

نقل12 : هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته هڪڙي ڏنار شخص کي هميشه عادت هوندي هئي جو

جهنگ ۾ ڪنهن ڏڻي تي مٿي چڙهي چوندو هو ته اي خداوند ڪريم! مون کي پنهنجو يار ڪر، اهڙي طرح ڪيس چوندي ڪيتري مدت گذري ويئي، هڪڙي ڏينهن پنهنجي عادت موجب ڏڻي تي مٿي چڙهي ساڳيو عرض ڪيائين ته اوچتو ئي غيب مان آواز ٻڌائين ته فلاٽا! اسان جي ياراني ڏاڍو مشڪل ڪم آهي، هن عرض ڪيو ته آئون يار ٿيندس، تڏهن امر پهتو ته توکي پنهنجو يار ڪيوسون، انهي وچ ۾ ڪيس اهڙو ته ذوق ۽ استغراق پيدا ٿي ويو جو بي خوديءَ ۽ مستيءَ ۾ اکيون پورجي ويس، ڪجھ مدت کان پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن اکيون پٽي ڏنائين ته سخت هوا پيئي گهلي ۽ سندس ٻڪرين مان هڪڙي به موجود ڪا نه آهي ،بلڪ سندن پيري جو نشانو به ڪونهي، پوءِ جڏهن رات جو گهر موٽي آيو تڏهن سندس زال پڇيس ته ٻڪريون ڪيڏانهن ڪيئي؟ هن سموري ڳالهه بيان ڪري ٻڌايس، زال چيس ته هينئر موٽي وڃي انهيءَ دڙي تي بيهي سوال ڪر ته خداوند! آئون يار نه ٿيندس، مون کي ٻڪريون موٽائي ڏي، ٻڪرار انهيءَ دڙي تي موٽي آيو ۽ زال جو سمجهايل سوال پيش ڪيائين، غيب مان آواز آيو ته اي فلاٽا! اسان ڪنهن جا يار نه ٿيندا آهيون، پر جي يار ٿيندا آهيون ته وري اغيار نه ٿيندا آهيون. هينئر تون ڳانڍاپو رکين توڙي نه رکين پر اسان کو نه ڇنڏاسون.

نقل13: هيڪر پاڻ فرمايائون ته حضرت غوث اعظم رضي الله عنه فرمايو آهي ته اسان جي سڀني مريدن جا نالا جي هينئر آهن، يا گذري چڪا آهن، يا وري اڳتي قيامت جي ڏينهن تائين پيدا ٿيندا، جنهن به واسطي سان هجن،هڪڙي ڪاغذ تي لکي اڇي ڏيکاريائون، ۽ فرمايائون ته سڀئي توکي بخشي ڏناسون، اهڙي طرح حضرت خواجہ نقشبند قدس سره فرمايو آهي ته مون کي چيائون ته تنهنجن مريدن ۽ تنهنجن مريدن جي مريدن کي اهڙي طرح جيڪي قيامت تائين پيدا ٿيندا، تن سڀني کي توکي بخشي ڏنوسون. پوءِ پاڻ فرمايائون ته اسان کي ٻنهي بزرگن سڳورن جو چوڻ مبارڪ! جو قادري ۽ نقشبندي طريقي ۾ اسان جا پيشوا آهن وڏي سَند آهي.

نقل14: خليفوميان لقمان رحمه الله نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ قرآن شريف جي تلاوت ڪندي هن آيت شريف تي پهتا:

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ ۚ (الانفال : ٣٣)

ترجمو: نه جڳائي ٿو الله تبارڪ و تعاليٰ کي جو عذاب ڪري تنهنجي امت (جي ڪافرن) کي ،حالانڪ تون به انهن ۾ هجين پيو.

پاڻ اها آيت شريف تلاوت ڪري جماعت ڏانهن منهن مبارڪ ڦيرايائون، فرمايائون ته هن آيت شريف جي معنيٰ مان وڏي اميد واري حاصل ٿئي ٿي، جو ته هن ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي محبوب کي خطاب ڪري فرمائي ٿو ته تنهنجي هوندي انهن ڪفارن کي به آئون عذاب نه ڪندس، پوءِ جن شخصن مدني مهندار اڙين جي آڏار صلى الله عليه وسلم تي ايمان آندو هوندو، اهي ڪيئن الله تبارڪ و تعاليٰ عذاب هيٺ آڻيندو.

نماند ز عصيان كسے در گرو
كه دارد چنيں سيد پيشرو

يعني : جنهن شخص كي اهڙو سردار مهندار ۽ اڳواڻ ۽ مددگار آهي تہ اهو توڙي جو گنهگار بدڪار هوندو تہ بہ گناهن جي بار ڪري دوزخ ۾ گرفتار نہ رهندو.

نقل15: سيد اول شاهہ نقل ڪري ٿو تہ هيڪر آئون سندن حضور مبارڪ ۾ وينو هوس، پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي ڏينهن شيخ ابوبڪر ﷺ وٽ ابليس ملعون آيو، شيخ صاحب قدس سره ڪنانس پڇيو تہ تون شخص آهي جنهن جي حق ۾ دوزخ جو وعيد مقرر ٿيل آهي، شيطان چيو تہ اهو ناهيان، بلڪ سندن رحمت ۾ اميدوار آهيان، چو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي فرمايو آهي تہ"رحمتي وسعت كل شيءٍ" يعني تہ منهنجي رحمت سيني شين كان ڪشادي آهي ۽ آئون بہ شيءٍ آهيان پوءِ چو نہ رحمت ۾ داخل ٿي سگهندس، پوءِ پاڻ هي بيت زبان مبارڪ سان فرمايائون:

اگر در دهد يک صدائے كرم
عزازيل گويد نصيبی برم

يعني: جيڪڏهن الله سبحانہ وتعاليٰ هڪڙو ڪٽي احسان جو هوڪو گهمائي تہ ابليس چوندو تہ آئون بہ بخشيش جو پاڳو حاصل ڪري وڃهندس.

نقل16: هيڪر پاڻ فرمايائون پي تہ اسين چار ئي پائر گڏجي هڪڙو نار پوک جو آباد ڪندا هئاسون، پوءِ جڏهن سرڪار جي بيگر جو ڪم ڪار درپيش ايندو هو تہ انهيءَ بيگر واري ڪم سان رڳو آئون وڃي مشغول ٿيندو هوس، ۽ ٻيا اسان جا پائر پنهنجي ساداتي ۽ زور آوري جي ڪري ويجها بہ نہ ويندا هئا. جڏهن الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي مهرباني ۽ احسان سان توڪل ۽ قناعت جي سعات ۽ دولت نصيب فرمائي، تڏهن پنهنجي غيب جي خزاني مان اهڙيون رحمتون اسان تي عطا ڪيون ويون جي نہ اڪين ڏٺيون نہ ڪنن ٻڌيون ۽ نہ دل ۾ سندن ڪو وهم ئي آيو هو. "الحمدلله علىٰ نعمائه واِ كرامه"

نقل17: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هيڪر لاڙ جي سفر ۾ احمد خان پٽ مير فتح خان ٽالپر جي، حضرت پير سائين جن ﷺ كان پڇيو تہ حضرتا! صاحبزادا سڳورا گهٽا آهن؟ پاڻ فرمايائون تہ اسان سان الله تبارڪ و تعاليٰ جون نهايت ڪمال مهربانيون آهن.

نقل18: پاڻ فرمايائون تہ هيڪر اسان حضرت ميان صاحب قدس الله سره الاقدس جي حضور ۾ مولا سائين جلشانہ جي طلب جي باري ۾ ڏاڍي نيزاري ۽ عاجزي سان عرض ڪيو؟ جواب ۾ فرمايائون تہ اي بابا! جيڪا لدني علم جي حاصل ٿيڻ لاءِ الله تبارڪ و تعاليٰ جي درگاهہ ۾ دعا پني هئي سون، سا قبول پئي آهي، باقي وحدانيت جو رنگ اجان ونٽو آهي.

نقل20: خليفو ميان لقمان ﷺ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ قرآن شريف جي تلاوت پي فرمايائون، دور ڪندي جڏهن پاڻ

" قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّتِيْ تُجَادِلُكَ فِيْ زَوْجِهَا "(الانفال : ٣٣)

ترجمو: بيشڪ ٻڌي الله تعاليٰ ان جي ڳالهه جيڪا توسان پنهنجي مڙس جي مقابلي ۾ ڳالهه ڪري ٿي. تي پهتا تڏهن سندن اکين مبارڪن مان ڳوڙهن جا قطرا هيٺ وهي پيا ۽ جماعت ڏانهن منهن مبارڪ ڦيرائي زبان مبارڪ سان فرمايائون ته هيءَ سورت سڳوري هڪڙي اصحابي سڳوري جي زال جي حق ۾ نازل ٿي آهي، جنهن جو قصو هن طرح آهي ته هڪڙي اصحابي سڳوري پنهنجي گهر واريءَ کي چيو ته تنهنجي پني منهنجي ماءُ جي پني جهڙي آهي. انهن ڏينهن ۾ اهو لفظ طلاق ڪري ليکبو هو، پوءِ اها عورت پنهنجي مڙس جا چيل لفظ حضرت سرور ڪائنات ﷺ جي حضور ۾ آڻي عرض ڪيا، پاڻ فرمايائون ته انهن لفظن چوڻ سان توکي طلاق پئجي ويئي، عورت عرض ڪيو ته حضرتا! منهنجي مڙس مون کي طلاق بالڪل نه ڏني آهي، بلڪ رڳو مثال طرح اهي لفظ چيا اٿس ۽ منهنجي ان کان سواءِ سري نه سگهندي، جو ته ٻارڙا ننڍڙا اٿم انهن کي ڪٽي آئون ڪٽي وڃي ٽاڪا ڪائيندس؟ اهڙي طرح هن ويچاريءَ گهٽو عرض معروض ڪيو پر پاڻ ڪريمن ﷺ قبول نه ڪري فرمايس ته انهن لفظن سان شريعت موجب طلاق پئجي وڃي ٿي. تڏهن اها عورت حضور جن کان نا اميد ٿي الله سبحانه و تعاليٰ جي درگاهه ۾ نيزاري ۽ عاجزي سان دعائون گهرڻ لڳي، جنهن کي ڪريم رحيم رب قبول ڪري، يڪدم هيءَ سورة (مجادله) نازل فرمائي جنهن ۾ اڳيون حڪم منسوخ ۽ رد ڪري ساري امت لاءِ هي نئون حڪم جاري فرمايائين ته انهن لفظن سان طلاق نه پوندي، مگر ڪفارو لازم ٿيندو جنهن جو ذڪر اڳتي آيتن شريفن ۾ تفصيل سان ڏنل آهي، پوءِ فرمايائون ته سبحان الله جو هڪڙي ڏاڪاري ۽ غمگين عورت جي دل جي خوشي ۽ مرضي رکڻ لاءِ الله سبحانه و تعاليٰ پنهنجي حڪم کي منسوخ ۽ رد ڪري ٻيو حڪم جاري ڪري ڇڏيو.

نقل20: محراب فقير سنجراڻي نقل ڪري ٿو ته هيڪر مون سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! الله تعاليٰ جلشانه کي ته سيڪو پيو طلبي پر سپاڳا ۽ نيڪ بخت اهي آهن جن کي الله سبحانه و تعاليٰ گهري! پاڻ مثال بيان فرمايائون ته جيڪڏهن مثلا ڪو بادشاهه ڪنهن شڪارڻ عورت تي عاشق ٿي پوي ته به جيستائين کي انهيءَ ڏڦيرڻ جي دل بادشاهه ڏانهن رغبت نه ڪندي، تيستائين بادشاهه کي طاقت نه آهي جو انهيءَ چهڙيءَ جي گهر ۾ پير پائي سگهي، (بلاتشبيهه) اهڙي طرح هن الله تبارڪ و تعاليٰ جي طلب واري خزاني ۾ به الله تعاليٰ جلشانه جي مرضي کان سواءِ ڪنهن کي به طاقت نه آهي جو هٿ وجهي سگهي. طالب کي جيڪو عشق جو جوش ۽ طلب جي مستي ۽ شور پيدا ٿين ٿا سي مڙئي الله تبارڪ و تعاليٰ جي گهر ڪري ٿين ٿا:

اگر از جانب معشوق نباشد کششے
کوشش عاشق بیچارہ بجائی نرسد

يعني :جيڪڏهن محبوب لاءِ جي طرفان عاشق لاءِ جذب ۽ ڪشش ڪا نہ ٿئي تہ جيڪر عاشق ويچاري جي ڪا بہ ڪوشش ڪنهن بہ حد کي نہ پهچي سگهي).

الحمد لله والمنة جو هيءُ ڪتاب فيضِ انتساب مجمع الفيوضات يعني مفلوظات شريف حضرت محي السنة،ماحي البدعة، محبوبِ رباني، قطبِ صمداني،قبلہ پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي قدس سره جي پهرين جلد جو ترجمو، الله سبحانہ وتعاليٰ هن ناقص عاجز عليل جي هٿان پورو ڪرايو.

اي اياڳن کي سياڳ عطا ڪندڙ ڪريم! اي پري پيلن کي پنهنجي قرب جي هنج ۾ جاءِ ڏيندڙ رحيم! جيئن هن پنهنجي ناقص نادان ڀانهي کي، پنهنجي دوستن جي ڪلام فيض نظام جي نقل ڪرڻ جي توفيق رفيق فرمائي، تيئن پنهنجي ڀاجهہ ۽ لطف سان، سندس قبوليت کان بہ مشرف ڪر. ۽ هن ناچيز بي تميز ڀانهي کي پنهنجي پلائي ۽ مرشدن ڪريمن جي برڪت ۽ وسيلي سان هن گرفتار بيڪار، موهوم هستي جي قيد کان خلاص ڪري، پنهنجي قرب ۽ محبت جي دولت سان مالا مال فرماءِ ۽ منهنجي دل جي ويران ٽيل زمين کي پنهنجي سڪ ۽ سوز واري پاڻي سان آباد ڪر. ڇو تہ تون پاڻ دلاسو ڏنو آهي تہ: "كل يعمل علىٰ شاكلة" (سڀ ڪو پنهنجي ڏاڻءَ تي ڪم ڪندو آهي) ۽ هي يقين آهي تہ: " وهو الذى ينزل الغيث من بعد ما قنطوا وينشر رحمة و هو الولى الحميد" (اهو ئي آهي جيڪو برسات وسائي ٿو ۽ انهن جي ناميد ٽيٽ تي ۽ پنهنجي رحمت پکيڙي ٿو ۽ اهو ڪم ناهيندڙ ساراهيل آهي.)

۽ اي رب غفور، ودود! ساري امت حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليہ وآلہ وسلم، جي ڪي پنهنجي محبت ۽ اطاعت جو ذوق ۽ شوق عطا فرماءِ تہ دنيا ۽ دنيا جي سڏن کان آزاد ٿي، تنهنجي محبت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو ٿي وڃن. آمين! بجاه نبيك سيد المرسلين و آله الطاهرين و اصحابه المكرمين واوليائك و احبائك واهل طاعتك اجمعين. برحمتك يا ارحم الراحمين وصلى الله تعالىٰ على خير خلقه و نورعرشه سيدنا محمد وآله واصحابه اجمعين والحمدلله رب العالمين.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ملفوظات شریف

(جلد دوم)

جامع

عارف باللہ الودود حضرت خلیفہ محمود فقیر نظاماٹي رحمۃ اللہ علیہ

مترجم

حضرت علامہ مفتي در محمد سکندري رحمۃ اللہ علیہ

باب اٺون

هن ۾ ڇهه فصل آهن:

فصل پهريون

جذب ۽ عشق

نقل 1: هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ بهادر فقير پنهور جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، اُتي بهادر فقير حضرت پير سائين جن کي عورتن جي زيارت لاءِ پنهنجي گهر وٽي ويو. جڏهن سيئي عورتون زيارت ڪرڻ لاءِ سندن اڳيان اچي بيٺيون، ان وقت بهادر فقير پاڻ ڪريمن کي عرض ڪيو ته حضرتا، هيءَ عورت جنهن کي اسان سيئي عزيز قريب، پاڙي جي سيني عورتن کان وڌيڪ سمجهدار ۽ حيادار سمجهندا هئاسون، هاڻي هن جي جماعت ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ سڀ ماڻهو شڪايت ڪن ٿا! اهو ٻڌي پاڻ هڪ نقل بيان فرمايائون ته: هڪ عورت ڪنهن شخص جي عشق ۾ اچي وئي هئي، جنهن ڪري مائٽن ان کي قتل ڪري ڇڏيو! پوءِ جتي اُن جو رت هاراڻو، اتي ڪانون اچي ڪان، ڪان ڪندي شور مچايو، اتفاقًا اُتان هڪ درويش فقير اچي لنگهيو، جنهن هي سڀ ڪجهه ڏسي ماڻهن کان پڇيو ته هي رت ڪنهن جو آهي؟ ماڻهن سڄي ماجرا کيس ٻڌائي تنهن تي فقير چوڻ لڳو: اي پيٽ! جيڪڏهن عاشق نه ٿئين ها ته تنهنجي رت تي هي شور ڪونه ٿئي ها! ڪنهن چوندڙ چيو آهي ته:

بجرم عشق تو مارا اگر کشدچه باک،
هزار بار شکر که شهيد عشق تو ايم

جيڪڏهن تنهنجي عشق جي جرم ۾ مون کي قتل ڪن ته ڪو خوف نه آهي، هزار ڀيرا شڪرانا جو تنهنجي عشق ۾ شهيد ٿيا آهيون!)

هڪ ٻئي بزرگ چيو آهي ته:

طريقِ عشقِ جانان جز بلا نيست،
زمانے بے بلا بودن روا نيست

(يعني محبوبن جي عشق جو رستو مصيبت کانسواءِ نه آهي، ۽ هن لاءِ هڪ گهڙي بغير مصيبت جي هجڻ جائز ڪونه آهي).

نقل 2: حافظ فقير گهنگر جو رهندڙ نقل ڪري ٿو ته هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون ته هڪ پينو فقير

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

شهر ۾ ڦرندي، هڪ دروازي تي اچي سَين هنيائين، گهر مان عورت جو آواز آيو تہ مان پردي واري آهيان، گهر ۾ ڪم مرد ماڻهو نہ آهي جو توکي ڪٽي خير ڏئي!

فقير اتان نا اميد ٿي شهر ۾ پنندو رهيو، جڏهن سارو شهر پني وري اُن گهٽي ۾ آيو، ڏٺائين تہ خلق ميڙ ڪيو بيني آهي، پوءِ فقير بہ تماشو ڏسڻ لاءِ اتي ويو، چا ڏسي تہ هڪ چري عورت، جيڪا هٿ پير هٽي پئي ۽ بيهوش ٿي پئي آهي، جنهن مهل عورت آواز ڪيو تڏهن سجاتائين تہ هيءَ اها عورت آهي جنهن جي در تان نا اميد ٿي موٽي ويو هوس، پوءِ جڏهن مائي هوش ۾ آئي تہ ان کي چيائين: اي امان هيءَ ڪهڙي حالت آهي؟ تو چيو پي تہ آئون پردي واري آهيان، ۽ هاڻي هن خلق ۾ هيئن بي پردي ٿي هٿ پير هٽين پئي سو ڇو؟ ان عورت هن فقير کي هن سنڌي بيت سان جواب ڏنو:

عشق اگهاڙيس جيڏيون پڌري ٿي پياس
ههڙي تان نہ هياس، پر ستر سڪ وڃائيو!

(يعني اي سهيليون مون کي عشق اگهاڙو ڪيو آهي جو ظاهر ٿي پئي آهيان اهڙي هيس تہ ڪونہ پر عشق بي حجاب ڪري ڇڏيو آهي)

نقل 3: هيڪر پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ: مائي هير سيال جي عادت هوندي هئي تہ جڏهن گهر جا پاتي ننڊ پئجي ويندا هئا، تڏهن ماني گيهہ ۾ پوري ميان رانجهي وٽ ڪٽي ويندي هئي. هڪڙي دفعي هير جي مائٽن، هڪ چوڪر کي سمجهائي ڇڏيو تہ تون فلاڻي جاءِ تي بيهي رهہ، جڏهن هير اتان لنگهي تہ ان جي ٻانهن مان جهلي ساڻس گڏ وڃجانءِ. پوءِ جڏهن هير اتان لنگهي تڏهن چوڪرو هن کي چنبڙي پيو، هير کي عشق جي جوش ۾ چوڪري جي ڪابہ خبر نہ رهي، چوڪري سميت ميان رانجهن وٽ وڃي پهتي، ڪٽيءَ جو ٽانوَ اڳيان رکيائين ۽ چوڪرو ٻنهي جي وچ ۾ ويهي رهيو. جڏهن ڪائڻ جو ارادو ڪيائون، تڏهن بي خوديءَ مان مائي هير گرهہ ڪٽي چوڪري جي وات ۾ وڌو. سمجهيائين تہ ميان رانجهن کي کارائي رهي آهيان، ۽ ميان رانجهو بہ اهڙي طرح چوڪري کي ڪٽي کارائيندو رهيوا اهو بہ سمجهي پيو تہ هير کي کارائي رهيو آهيان! ان نموني سان ساري ڪٽي چوڪري کي کارائي ڇڏيائون ۽ چوڪرو ڪين نظر ئي نہ آيو! اي عزيز! مجازي عشق جي بي خودي جو اهو حال آهي تہ حقيقي عشق جي بي خودي جو چا عالم هوندو؟ مولانا جامي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي تہ:

متاب از عشق روگر مجازی است،
کہ آن بهرے حقیقی کار سازے است

(عشق کان منهن نہ موڙ، جيتوڻيڪ مجازي هجي، چو تہ مجاز، حقيقت واسطي رستو ٿاهي ٿو).

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 4: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو تہ هڪ شخص اٺ سوار، ليلىٰ جي شهر مصر ڏانهن روانو پي ٿيو. تہ مجنون ان کي ليلىٰ ڏانهن سلام ڏيڻ لاءِ ساڻس گڏ هلندو رهيو ۽ کيس ليلىٰ جي آڏو پيغام پهچائڻ جو طريقو سيکاريندو ٿي ويو! ۽ ان حالت ۾ رات سڄي پوري ٿي وئي! جڏهن صبح ٿيو ۽ مصر کي ويجها پهتا تہ مجنون موڪلائڻ لڳو، ان وقت اُٺ سوار اشارو ڪري چيس تہ اجهو، هو تہ مصر جو شهر آهي!

اي عزيز! هي بي خودي ۽ شوق مجازي عشق جو آهي، حقيقي عشق تہ عجيب منزلون رکي ٿو! ۽ ان لاءِ قال جي زبان حال جي بيان کان قاصر آهي.

ذوق اين مئے نشناسی بخدا نہ چشی

(خدا جو قسم هن شراب جو مزو تيستائين هرگز نہ سڃاڻي سگهندين جيستائين ان کي نہ چکندين!)

نقل 5: هيڪر پاڻ هڪ نقل بيان فرمايائون تہ ڪنهن واٽهڙو شخص جي واٽ ويندي هڪ سهڻي عورت تي نظر پئجي وئي ۽ ان جي دل مجبور ٿي پئي، جنهن ڪري ان عورت جي پٺيان لڳي پيو جڏهن عورت ڏٺو تہ هي منهنجي پويان اچي ٿو، تڏهن هن کان پڇيائين تہ منهنجي پٺيان ڇو ٿو اچين؟ ان شخص چيو تہ تو منهنجي دل لُٽي ورتي آهي، تنهنڪري آئون تنهنجي پويان بي اختيار اچان پيو. عورت عقل واري هئي، جنهن مرد جي عياري کي کولڻ لاءِ چيو تہ جيڪڏهن منهنجي پيٽ جو حسن ڏسين، جيڪا تنهنجي پويان اچي ٿي! جنهن جي اڳيان منهنجي حيثيت اهڙي آهي، جهڙي ذري جي سڄ جي اڳيان! تہ هوند مان توکان وسري وڃان! ان تي مرد جيئن ئي پوئتي نهاريو، سندس پنڌتي نهارڻ شرط عورت کيس منهن تي ٽڦڙ هڻي چيو اي ڪوڙا! تون عاشقن جي ٽولي مان نہ آهين، پري ٿيءُ منهنجي پويان نہ اچ! ڇو تہ جڏهن مون سان عشق ڏيکاريئي تہ پوءِ پوئتي ڇا لاءِ نهاريئي؟ اها تنهنجي ڪوڙي عشق جي شاهدي آهي، هن کان بعد منهنجي پويان هڪ قدم بہ آئين تہ ساه نہ هوندئي!

عشق آسان نيست جانان کوه بہ مُيہ گاں کندن است
کشتی کاغذ درون قعر دريا بردن است

(محبوبن جو عشق آسان نہ آهي، پنبڙين سان جبل پٽڻ ۽ ڪاغذ جي ٻيڙي درياهہ جي ڪُن ۾ نيٽ آهي)

دار را معراج ميخوانند سردارانِ عشق!
زين سبب هر بوالهوس کہ سر بر دار آورد

(عشق جا سردار قاسيءَ کي معراج سڏين ٿا، ان ڪري هر ڪو سڏڙيو شخص قاسي تي سر ڪيئن آڻيندو؟)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اُيي عاشقن کي، سُوري سڏ ڪري،
جي نالو ڳڏِ نينهن جو، تہ ڪڙ مَ پير پري،
سِسي ڏار ڏري، پچ پوءِ پريتڙو

(يعني قاسي عاشقن کي سڏي پيئي، جيڪڏهن عشق جو نالو ورتئي تہ پوءِ پير پري نہ ڪڙ، مُنڊي ڏار ڪري پوءِ محبت جا لاءِ اچ!)

نقل 6: هڪ ڏينهن پاڻ ڪريمن نقل ارشاد فرمايو تہ هڪ شخص ادن نالي نار جي ڳاڏي تي ويهي پوک کي پاڻي پياريو پئي! اتفاق سان هندو سونارن جي ڇڇ ان وڙ جي هيٺان منجهند جو اچي لڏي جتي کوهہ هو، جڏهن کائي پي واندا ٿيا تڏهن سيئي ننڊ ڪرڻ لڳا، پر ڪنوار ۽ ادن جون اکيون چار ٿي پيون، يعني ٻنهي طرفن کان محبت پيدا ٿي ويئي! جڏهن ٻنهپرن جو ڇڇ رواني ٿي تڏهن عشق جي ڪنڀ کي بيقراري ٿي پئي ۽ "لَا يَمُوْتُ فِيْهَا وَ لَا يَحْيٰى" (سوره طٰهٰ: آيت ۷۴) جي عالم ۾ اچي ويو ۽ زمين تي بيهي پويان ڏسندو رهيو! جڏهن ڏسڻ کان پري ٿي ويا، تڏهن کوهہ واري وڙ تي چڙهي آهستي آهستي مٿي ٽيندو ڏسندو ويو! جڏهن ڇڇ اکين کان غائب ٿي ويئي تڏهن محبوب جي مشاهدي کان بيخود ٿي هڪ ٽپو ڏنائين ۽ فوت ٿي ويو (اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ) وري جڏهن سونارا ڪنوار سان گڏجي پنهنجي عزيزن سان ملڻ آيا ٿي تڏهن ٻہ ساڳي جاءِ تي منزل ڪيائون ۽ ڪنوار ان نار جي ڳاڏي تي عشق جي ڪنڀ بجاءِ هڪ عورت کي وينڀ ڏنو، جڏهن سڀ سمهي پيا، تڏهن ان زال کان پڇيائين تہ هن نار تي جيڪو اڳي مرد وينڀ هو، اُهو ڪاڏي ويو. زال ان کي سڄو قصو سربستو ڪري ٻڌايو! محبت جي ڪنڀ ڪنوار کي اشتياق تمام گهڻو ٿي ويو ۽ پڇيائين تہ ان جي قبر ڪٿي آهي؟ زال آڱر جي اشاري سان قبر ڏيکاري. ڪنوار ان مٿي جي ڏير تي وڃي پاڻ ڇڏيو ۽ پنهنجو ساهہ پنهنجي محبوب جي حوالي ڪري ڇڏيو. (اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ). ٿوري دير کان پوءِ جڏهن سونارا اٿيا، تڏهن ڏٺائون تہ ڪنوار موجود نہ آهي. ڳولي ڳولي ٿڪا، پر هٿ نہ آين، آخر ان عورت کان پڇيائون. عورت سڄي حقيقت بيان ڪري شهيد عشق جي قبر جو ڏس ڏنو! سونارا پير ڪٽي وڃي قبر تي پهتا، ڏٺائون تہ هت ڪجهہ ٻہ نہ آهي! نيٺ قبر کي کوٽيائون، جڏهن ڪجهہ کوليائون تڏهن ڪنوار جي اڇي پوتي نظر آئي، باقي ڪنوار وڃي پنهنجي محبوب کي ملي ۽ هنن کي نظر نہ آئي! ۽ اتي فقط هڪ اَدَنُ ستل نظر آيو! هي سڀ يڪرنگي عشق مجازي جي آهي. جيڪو ٻن کي هڪ ڪري ٿو، پر حقيقي عشق جو اثر قلم ۽ زبان کان بيان ٿي نہ سگهندو:

بسيار ديدايم کہ يکے را دو کردہ تيغ،
شمشير عشق بين کہ دو کس رايکے کند۔

(گهٽو ئي ڏنو اٿئون جو تلوار هڪ مان ٻہ ڪيا! مگر عشق جي تلوار ڏس تہ ٻن ماڻهن کي هڪ

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪريو وجهي!)

۽ پاڻ هي ٻه اظهار ڪيائون، ته حضرت مخدوم صاحب (محمد اسماعيل پريان لو شريف وارا) جن فرمائيندا هئا، ته سڀ ڪجھ ٿياسون پر ادن نہ ٿياسون:

عاقلاں را شرع تکليف آمده
بيدلاں را عشق تشريف آمده

عقل وارن لاءِ شريعت جي پابندي رکي وئي آهي. دل کسيل عاشقن کي وري عشق جو شرف مليو آهي.

کفر کافر را، و دين ديندار را
ذره درد دل عطا را

(کافر لاءِ ڪفر آهي، ديندار لاءِ دين آهي، عطار جي دل لاءِ درد جو ذرڙو ڪافي آهي.)

گر نباشد درد تو عطار را
او نخواهد کافر و ديندار را

(جيڪڏهن عطار جي واطي تنهنجو درد نہ هجي، ته نہ ڪافر جي ڪيس ضرورت آهي، نہ ئي ڪنهن ديندار جي.)

اي عزيز! اهڙو ئي نقل سيد الطائفة حضرت جنيد بغدادي ڪان بيان ٿيل آهي، ته هڪڙي ڏوہيءَ جي پٽ وٽ شهزاديءَ جا ڪپڙا ڏوپڻ لاءِ آيا! ڇوڪرو شهزاديءَ جي لباس تي اهڙو ته عاشق ٿي پيو جو سندس سڪ ۽ قرار ، ڪائڻ پيئڻ، بلڪ جيئڻ ٻه انهن ڪپڙن جي ديدار تي وڃي ٻيٺو. هفتي ۾ هڪ پيرو ڪپڙا ايندا هئا، جن جي ڏسڻ سان آرام ۽ سڪون وٺندو هو. هڪڙي دفعي شهزاديءَ جو وڳو پٽر تي ستي صفا ڪرڻ لاءِ درياھ تي ڪٽي ويو، ته هڪ ڇولي آئي ۽ اهي ڪپڙا لوڙهي ڪٽي وئي! اهي ڪپڙا ته حضرت يعقوب صفت عاشق جي واسطي حضرت يوسف جي پهراڻ وانگر سندس دل ۽ ديد جو نور هئا. ڇوڪري عشق کان بي اختيار ڪپڙن جي پڻيان درياھ ۾ ڪٽي ٽپو ڏنو ۽ ساھ عشق جي نذر ڪيائين! حضرت جنيد سائين فرمائيندا هئا ته سڀ ڪجھ ٿيا سون، پر ڏوہيءَ جو پٽ نہ ٿياسون!

هڪ ٻيو نقل ٻه هن جي موافق آهي ته سيد محمد گيسو دراز جي ڏوهٽي سيد يدالله جي محبت هڪ عورت سان ٿي پئي، ڪجھ وقت ته لڪيل هئي، پر آخر ان عورت کي عقد نڪاح ۾ آندائين! نڪاح ٿيڻ کان پوءِ اتان يعني دهلي جي دستور موافق اسر جي وقت ڪنوار کي سينگاري، گھوٽ کي منهن ڏيکاريو ويو، جڏهن سيد يدالله جي ان جي حسين چهري تي نظر پيئي! تڏهن ڪيس

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اهڙو تہ ذوق ۽ ڪيف حاصل ٿيو جو پاڻ کان بي خود ٿي هڪ آه ڪڍيائين جنهن سان دم ڏٽيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيائين. پوءِ ڪنوار جڏهن محافي ۾ اچي وينِي تہ ڪيس ائين جو پاڪر ۾ وڏائين تہ گهر پهچڻ تائين پنهنجو پاڻ بہ مٽس قربان ڪري ڇڏيائين. پوءِ ٻنهي جي قبر هڪ ٻئي جي پاسي ۾ ٺاهيائون. [1]

نقل 7: صالح فقير ابڙو نقل ڪري ٿو، تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين رحمۃ اللہ علیہ جن نقل ارشاد فرمايو، تہ هڪ شخص بادشاه جي محل وٽان لنگهيو، اوچتو سندس نظر ماڙيءَ جي دريچي مان شهزاديءَ تي پئجي ويئي ۽ ان جي سونهن سوڀيا تي مست ٿي ويو ۽ هر روز صبح کان رات تائين دريچي جي پرسان بيهي ديدار ڪندو هو، اهڙيءَ طرح ڪيئي سال گذاريائين. آخر ڪار بادشاه پنهنجي شهزادي ڪنهن شهزادي سان پرٽائي ڇڏي ۽ جڏهن ڪيس مال، سامان، ٻانهيون ۽ ٻانها ڏنا ٿي ويا تڏهن هي بہ ٻانهن جي صف ۾ اچي بيهي رهيو، تہ هِن کي بہ انهن جي حوالي ڪيائون، پر جيئن تہ سيئي ٻانها حجتي ۽ گهريلو هئا، تنهن ڪري سيني کي پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مشغول ڪيو ويو ۽ هي واندو رهجي ويو، پر جيئن تہ عشق ۽ ديوانگي ۾ مست ٿي رهيو، سو پاڻ خود وڃي گهوڙن جي ڪڙهه جي صفائيءَ ۾ مشغول رهيو. ان حال ۾ ان کي ڪو زمانو گذري ويو. هڪ ڏينهن شهر جي قاضي وٽ ويو ۽ ڪيس چيائين تہ آئون جڏهن مران تڏهن تون مون کي خدا ڪارڻ غسل ڏيئي ڪفن دفن جو بندوبست ڪجانءِ ۽ منهنجي سيني ۾ هڪ بي بها موتي آهي اهو تون منهنجو سينو ڦاڙي ڪڍي پنهنجي ڪم ۾ آڻجانءِ. قاضي ان کان پوءِ ان جي موت جو منتظر رهيو، هڪ ڏينهن ٻڌائين تہ اهو ٻانهو فوت ٿي ويو آهي! پوءِ اچي ان کي غسل ڏنائين! ۽ مخفي طرح ان جي سيني کي چاقو سان چاڪ ڏيئي، قيمتي موتي ڪڍي سوئي ڏاڳي سان سبي ڇڏيائين ۽ اهو موتي پنهنجي ڏيءَ کي ڏيئي ۽ چيائين تہ هي بي بها موتي آهي، هن کي حفاظت ۾ رکجانءِ. هڪ رات اتفاقًا ان شهر مان باهه گم ٿي ويئي، ايتري قدر جو هڪ شعلو بہ ڪنهن جي گهر ۾ نہ رهيو، اگرچہ رُڪ کي پٽر تي هنيائون ٿي، تڏهن بہ باهه نٿي نڪتي! ان شهر جي بادشاه پڙهو ڏياريو تہ جنهن وٽ باهه هجي ڪٽي اچي، پر باهه ڪٽان بہ ملي نہ سگهي! اڌ رات کان بعد شهزاديءَ ماڙيءَ جي دريچي مان ٻاهر نظر ڪئي تہ قاضيءَ جي گهر ۾ روشني نظر آئي! شهزاديءَ اها حقيقت بادشاه کي ٻڌائي، بادشاه قاضيءَ کي گهرائي فرمايو تہ اي قاضي! عجب آهي جو توهان گهر ۾ بتي ٻاريو وينا آهيو ۽ شهر سڄو باهه نہ هجڻ جي ڪري ٻُکيو ستو پيو آهي حالانڪ اسان پڙهو بہ ڏياريو هو. قاضي ان بي بها موتيءَ جي ساري جي ساري حقيقت بادشاه کي پيش ڪئي، بادشاه حڪم

---

[1] جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ هت ارشاد فرمايل نقل جي تائيد ۾ هي بہ نقل اخبارالاخيار مان نقل ڪيا آهن، جهڙي طرح چوٿين باب جي ٽئين فصل ۾ مرشدن ڪريمن جو ارشاد تہ پنهنجي مرشد جي ڪمن تي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض نہ ڪجي! تنهن جي تائيد ۾ بہ خليفي صاحب رحمۃ اللہ علیہ هڪ نقل خواجہ يحيٰ منيري جو شهادت طور آندو آهي! (فقير قربان علي مرحوم)

ڪنڊريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪيو تہ وڃ اهو موتي ڪٽي اڇ! قاضي وڃي ڪٽي آيو بادشاه معائنو ڪري ان کي حويليءَ ۾ ڏسڻ لاءِ موڪليو. شهزاديءَ ان موتيءَ کي ڏسي، جنهن ڏاڪي ۾ پويل هيو. تنهن سميت ڪٽي ڇڪيءَ ۾ پاتائين تہ اهو بي بها موتي شهزاديءَ جي ڇڪيءَ ۾ پوڻ شرط سندس سيني تي پاڻي ٿي ڳري جذب ٿي ويو.

نقل 8: (خليفو صاحب رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ) ڀانهي کي وچ حالت ۾ مجاز پيدا ٿي پيو. هڪ ڏينهن پاڻ ڪريمن رضی اللہ عنہ جي حضور ۾ پوري حقيقت عرض ڪيم! فرمايائون تہ مجاز هڪ پُل آهي ان کان جلدي لنگهڻ گهرجي، ان تي بيهڻ نہ گهرجي. ڀانهي عرض ڪيو تہ حضرتا! هن پل کان لنگهايو ورنہ تہ آئون ڀڄانس ٿو. پاڻ فرمايائون تہ ڀڄڻ نہ گهرجي بلڪ ان کان لنگهڻ گهرجي! المجاز قنطرة الحقيقة يعني مجاز حقيقت جي پل آهي. پل تي بيهڻ نہ گهرجي بلڪ اتان لنگهي وڃجي. مولوي جامي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي تہ:

دلے باید کہ در صورت نمانی
وزین پل زود خود را بگذرانی

(دل اهڙي هئڻ گهرجي جو ڪنهن صورت ۾ قاسي نہ پوي، صورت تي بيهڻ نہ گهرجي، بلڪ هن پل تان پاڻ کي جلد لنگهائڻ گهرجي!)

چو خواهی رخت از منزل نهادن، نباید بر سر پل استادن!

(جڏهن منزل تائين بار ڪٽڻ چاهين تہ پوءِ پل جي مٿان بيهڻ نہ گهرجي!)

نقل 9: هڪ دفعي حضرت پير سائين رضی اللہ عنہ جن ارشاد فرمايو. تہ اسان جو هڪ عزيز سيد سيدل شاه نالي هڪ سوناري عورت تي عاشق ٿي پيو هو! جنهن جي عشق ۾ مست ۽ ديوانو پيو رهندو هو. اها عورت اسان جي شهر سائيدي جي رهندڙ هئي. سائيدي ڪاڪري پرڳٹي جو شهر آهي، جنهن ۾ پير سائين جن جا وڏا رهائش پذير هئا. هڪ ڏينهن اهو سيد صاحب روهڙي شهر لڳ هڪ جهنگ ۾ درياه جي ڪپ تي چانهڪ پئي ڪاڏو (چانهڪ هڪ گاهه جو قسم آهي جيڪو تمام منو ٿيندو آهي) ان وقت معشوقہ ياد آيس ۽ دل ۾ خيال ڪيائين تہ اهڙو منو چانهڪ منهنجي محبوبہ کي ملي تہ کهڙو نہ سنو. پوءِ چانهڪ جا ڪجهہ ٻوٽا پٽي پنهنجي لنگيءَ جي ٽڪري سان ٻڌي امانت طور درياه ۾ وڏائين ۽ چيائين تہ اي درياه! هيءَ امانت منهنجي محبوبہ کي باسلامت رساءِ. الله تعاليٰ جي حڪم سان اها گاهه جي موڙي درياه جي ڪناري سان امانت باسلامت شهر سائيدي جي پرسان اچي پهتي. ان وقت شهر جون زالون ۽ اها سوناري زال پاڻ ۾ گڏجي درياه تي دلا پرڻ آئيون تہ اها موڙي درياه جي چولين ۾ هيڏانهن هوڏانهن پئي تري. جڏهن ان موڙيءَ تي نظر پين تڏهن هر هڪ زال چيو تہ اها منهنجي آهي، پوءِ ان سوناري زال فيصلو ڪيو تہ هر هڪ زال پنهنجي دلي جو منهن ان ڏانهن ڪري جهلي،

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جنهن جي دلي ۾ خود بخود اچي پوي پوءِ اها ان جي ٿي! ان کان بعد هر هڪ زال پنهنجي دلي کي ان موڙيءَ جي پرسان آندو پر موڙي ڦريو وڃي، آخر سوناريءَ دلو ويجهو ڪيو، دلي ويجهي ٿيڻ شرط گاهه جي موڙي خودبخود ان دلي جي اندر اچي پيئي! دلو ٻاهر ڪڍي ڏسي ته ٻنڊڻ سيد سيدل شاهه جي لنگي جو ٽڪر آهي، پوءِ سمجهائين ته هيءَ مون ڏانهن تحفو موڪليو اٿس. پاڻ ڪريمن هن جاءِ تي ارشاد فرمايو ته جڏهن مجازي عشق ۾ اهڙو اثر آهي ته الله جو عشق هن کان هزار درجا اولیٰ ۽ افضل آهي. جامي فرمايو:

متاب از عشق رو گرچہ مجازی است
کہ آن بھر حقیقت کار سازے است

(عشق کان منهن نه موڙ اگرچه مجازي هجي، چو ته حقيقي لاءِ اهو ڪم ناهيندڙ آهي.)

نقل 10: هيڪر پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو، ته علي اصغر خان افغان رحمۃ اللہ علیہ ٻارهن طريقن ۾ اڳيئي داخل هو، مريد ۽ خليفا ٻه ڪندو هو، تيرهون طريقو نقشبندي حضرت مخدوم سائين جن کان اچي ورتائين! پوءِ انهيءَ هيڪر حضرت مخدوم صاحب جن کان پڇيو ته حضرتا ڪڏهن مجازي عشق ٻه ڪيوَ؟ فرمايائون ته هائو ۽ اهو هيئن ٿيو جو هڪ ڏينهن بازار ۾ آيس. وچ بازار ۾ هڪ حسين و جميل عورت ويني هئي، جنهن تي اتفاقي طور نظر پئجي ويئي ۽ نظر پوڻ شرط دل ۾ هڪ ڪشش پيدا ٿي پئي، جڏهن بازار جي ڇيهه تي پهتس تڏهن وري ان جي ڏسڻ جي ڪشش ٿي. اتان موٽي وري بازار جي منڊ تي وڃي پهتس. ڇڪ اهڙي ٿي جو وري اتان پنئين پير ان کي ڏسڻ لاءِ ٿي آيس ته ان وچ ۾ وري اتان واپس ٿي آيس ۽ خبردار ٿيس ۽ حضرت سيد المرسلين صلی اللہ علیہ وسلم جن کان مدد گهريم، مدد گهرڻ شرط اهو خيال دل مان بلڪل ختم ٿي ويو ۽ وري ڪڏهن نه آيو.

نقل 11: هيڪر پاڻ فرمايائون ته هڪ صاحب دل شخص بازار مان لنگي رهيو هو ته اوچتو سندس روح کي ڪشش پيدا ٿي اتي بيهي فڪر ڪيائين ته هي ڪشش ڪٿان پيدا ٿي آهي؟ آخر هيڏي هوڏي ڏسڻ کان بعد ڏٺائين ته هڪڙا ٻه انسان (عاشق ۽ معشوق) ٻن طرفن کان پاڻ ۾ نظرون ملائي رهيا آهن، پوءِ سمجهيائين ته اها ڪشش مون کي انهن جي ڪري پيدا ٿي آهي.

نقل 12: هڪ ڏينهن درگاهه مبارڪ تي ٽيپهريءَ کان پوءِ مسجد شريف ۾ پاڻ ڪريمن رضی اللہ عنہ جي اڳيان حاضر هيس. ان وقت اتي جي رهندڙ هڪ ڪاشيگر حضور ۾ فرياد ڪيو ته حضرتا! گل فقير ناهيو روزانو سڄو ڏينهن اسان جي گهر جي دروازي کي تڪيون ٻينو هوندو آهي. هن وقت ٻه اتي ٻينو آهي، ڪيس اوهان سمجهايو. پير سائين جن گل فقير کي گهرائي تمام گهٽي جهٽڪ ۽ تنبيهه فرمايائون. هن جواب ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! ٻانهي حضور جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو هو ته قبلا سائين! مون کي مجازي عشق جي بلا ڪائي ٿي، ان تي اوهان فرمايو هيو ته ڪو فڪر نه آهي، ۽ هاڻي جهٽڪ ۽

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تنبيهه ڇا جي ڪري آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ مون ايستائين ڇيو هو تہ نقصان پيدا نہ ٿئي، هن وقت خسارو گهٽو ٿي ويو آهي، تنهن ڪري ان کي ٽوڙڻ گهرجي سو هاڻي ئي ٽوڙي ڇڏ. گل فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! هن زنجير جو ٽوڙڻ توهان جي هٿن مبارڪن سان تہ ممڪن آهي باقي ٻانهي جي اختيار کان ٻاهر آهي، گل فقير جي حالت هيءَ هئي جو عيد جي ڏينهن ٻن صاحبزادن گهوڙا پي ڊوڙايا پيا سپ ماڻهو پري بينا هئا مگر گل فقير، جيڪو مجازي عشق جي شينهن جي چنبي ۾ قاتل هو ۽ زندگيءَ کان موت کي بهتر سمجهيائين ٿي گهوڙن جي جولان جي ميدان اڳيان انهن جي سامهون ٿي اچي بينو. جڏهن گهوڙا هن کان ٻہ ٿي قدم اچي ويجها ٿي ٽيا تہ بي اختيار هڪ ڪاپي هڪ ساڃي پاسي کان ٿي لنگهي ويا ۽ ڪيترا پيرا ائين ڪيائين، پر ڪيس ڪوبہ نقصان نہ ٿيو. اي عزيز! مجازي عشق جو اهڙو اثر آهي جو ان کي موت بہ ويجهو نٿو اچي، تہ پوءِ حقيقي عشق جو حال تہ بيان کان ٻاهر ڇئبو! ۽ انهن ٻنهي ۾ فرق ائين آهي، جيئن اصل ۽ فرع جو آهي.

نقل 13: هيڪر پاڻ رضی اللہ عنہ عشق جي بابت نقل فرمايائون تہ جڏهن بيبي زليخا حضرت يوسف علیٰ نبينا وعليه السلام جي عشق ۾ گهر جو سڄو مال سامان لٽائي ضعيف ۽ ٻڌڙي ۽ نابينا ٿي پئي! تڏهن هڪ ڏينهن حضرت يوسف گهوڙي تان لهي زليخا وٽ وڃي ڪائن پڇيائين تہ اي زليخا! هاڻي تہ ٻڌڙي ۽ ضعيف ٿي وئي آهين؟ بيبي زليخا ڇيو تہ لکڻ مون کي ڏي. حضرت يوسف لکڻ جو هڪ طرف پاڻ وٽ جهلي ٻيو طرف بيبي زليخا کي ڏنائين تہ بيبي صاحبہ لکڻ تي وات رکي هڪ آهہ ڪڍي! جنهن ڪري لکڻ سڙي ويو ۽ حضرت يوسف بي اختيار هٿ مان لکڻ ڦٽو ڪري، ان کان بعد کائونس پڇيائين تہ تنهنجو مقصد ڇا آهي؟ بيبي صاحبہ ڇيو تہ منهنجو مقصود تون آهين ۽ منهنجو مطلوب تنهنجو وصال آهي! پوءِ حضرت يوسف ڇيو تہ تون الله تعاليٰ کان جوانيءَ جا ڏينهن گهر، تہ جوان ٿي ويندينءَ. الله تعاليٰ پنهنجيءَ مهرباني سان ان کي نئين سر اها جواني بخشي ۽ ان وقت حضرت يوسف ان تي عاشق ٿي پيو ۽ بيبي زليخا معشوقہ ٿي پيئي (پهرين جي ابتڙ). مولانا جامي فرمايو:

عشق است هزار شعله درتاب
عقل است هزار پنبه در آب

(عشق تاب ۾ هزار شعلا رکي ٿو، عقل پاڻي ۾ ڪپهہ جا هزار ٻڙا رکي ٿو)

نقل 14: هڪ ڏينهن مجازي عشق جي بيان ۾ گفتگو هلندي حضرت پير سائين رضی اللہ عنہ جن نقل ارشاد فرمايو، تہ هڪ ميهار جي زال کي ڪنهن ماڻهوءَ جو عشق لڳي ويو. ڪجهہ ڏينهن وصال جا مزا ماڻيائون. اتفاق سان ميهار پنهنجن مينهن چارڻ لاءِ پنهنجو اصلي وطن ڇڏي تمام پري هڪ ڏنڊ جي

ڪنڊريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پڪ تي جيڪا درياھ جي ڪناري تي ھئي، وڃي ويٺو، جتي ڪوبہ ماڻھو اڇي وڃي نٿي سگھيو، پر اھو عاشق جنھن جي اندر ۾ جدائي جي باھ ھن جو سڀ ڪجھ ساڙي ڇڏيو ھو، ٻيو ڪوچارو نہ ڏسي، پنھنجي محبوبہ جي ڳولا ۾ نڪري پيو. عاشق ويچاري گھٽي جُستجو ۽ وڏي سفر طئي ڪرڻ کان پوءِ ان ڏينڊ جو پاسو وٺي ويھي رھيو. جڏھن مائي پاٽي پرڻ آئي تڏھن ان عاشق ھڪ پٿر کٹي ان ڏانھن اڇليو، جيڪو ٿورو پري وڃي ڪريو. مائي چيو اي پٿر وچ ۾ نہ اڇ اسان جا دوست پري آھن، وري ھن ٻيو پٿر اڇليو جيڪو ھن جي اڳيان اڇي ڪريو. ان وقت ھڪ ٻئي کي سڃاتائون ۽ ملاقات ڪيائون ۽ وصال جي جاءِ مقرر ڪري عورت واپس گھر وئي ۽ عاشق اتي ڪکن جو آستانو ٺاھي ويھي رھيو. مائي پنھنجي عاشق لاءِ ماني تيار ڪري کٹي ويندي ھئي ۽ اتي سڄي رات پاڻ ۾ خوش و خرم گذاريندا ھئا! ٽن چئن راتين رھڻ بعد ھڪ رات پنھنجي محبوبہ کان اجازت گھريائين. جڏھن مائي گھر رواني ٿي ان وقت دل ۾ خيال ڪيائين تہ ھيترا ڏينھن پنھنجي نفس جي خواھش سان رھيس، اڄ فقط ھن جاءِ جي پاس خاطر لاءِ رھي ٿو پوان، جو ھن پاڻيءَ ۾ پنھنجي ھٿن سان ھن کي جوڙيو اٿم ۽ پوءِ رات اتي ئي رھي پيو. ھيڏانھن مائي بہ پنھنجي روز مرہ جي عادت موجب طعام کٹي اڇي پھتي! عاشق چيو تہ توکي ڪيئن خبر پيئي جو آئون ھت رھي پيو آھيان؟ عورت وراڻيو تہ تنھنجي رھڻ جي خبر منھنجي دل ٻڌائي! ان تي پاڻ ڪريمن فرمايو تہ جڏھن مجازي عشق ۾ ايتري قدر اتحاد آھي، پوءِ جيڪڏھن مريد جو مرشد سان ايترو بہ اتحاد نہ ھجي تہ پوءِ فيض جي اميد ڇا لاءِ رکي ٿو. اي عزيز! مريد کي گھرجي تہ پنھنجي پير سان مضبوط رابطو رکي، جو مرشد حقيقي مقصدن حاصل ڪرڻ ۾ وڏو مضبوط وسيلو آھي تہ جيئن مرشد، مريد جي ظاھر ۽ باطن کي پاڻ ۾ جذب ڪري کيس فنا کان بقا جي اعليٰ مقامات تي پھچائي ڇڏي. ھن جاءِ تي حضرت پير سائين جن ھي بيت ارشاد فرمايو:

من تو شدم تو من شدی من تن شدم تو جان شدی،
تا کس نگويد بعد زين من ديگرم تو ديگری!

(مان تون ھجان ۽ تون وري مان ھجان مان جسم ھجان تون جان ھجين تہ جيئن ان کان پوءِ کير ائين نہ چوي تہ مان ٻيو آھيان ۽ تون ٻيو آھين!).

نقل 15: مريد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ ھڪ ڏينھن پاڻ ڪريمن رضی اللہ عنہ ارشاد فرمايو تہ مائي سھڻي درياھ تري ميھار وٽ وئي. ميھار کي چيائين تہ اي يار توکي اک ۾ ڳلو آھي ڇا؟ ميھار چيو اي سھڻي اھو ڳلو اک ۾ اڳيئي ھو، پر توکي عشق جي غلبي جي ڪري نظر نہ ايندو ھو. ھن وقت شايد تنھنجي اھا محبت گھٽجي وئي آھي، جنھن سببان توکي اھو اڄ نظر آيو آھي، پر ھاڻي ياد رکجان، اڄ کان پوءِ مون وٽ نہ اچجانءِ! جي ايندئينءَ تہ درياھ ۾ ٻڏي ويندينءَ! اي عزيز! جيڪڏھن مجازي عشق حقيقت تائين پھچائي تہ شھباز آھي ۽ ان جو سير گاھ ۽ شڪار لا مڪان آھي ۽ مقصود ان جو بي مثل ۽

ڪنديہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بي كيف ذات آهي ۽ حال ان جو "هَلۡ مِنۡ مَّزِيۡدٍ" (سوره ق: آيت ٣٠) (يعني ايان ٻيو ٻہ ڏي) آهي ۽ جيڪڏهن ائين ناهي تہ پوءِ بي كار ۽ بي بنياد آهي ۽ اهڙي عاشق جي عاقبت سهٽيءَ وانگر موت جي كن ۾ وڃي پوڻ آهي.

نقل 16: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ استاد پنهنجي شاگرد تي عاشق ٿي پيو، ان كري ٻين شاگردن كي جهٽكيندو هو ۽ هن كي كجهہ نہ چوندو هو. هڪ ڏينهن شاگرد پڇيس تہ ٻين شاگردن كي مارينده آهين پر مون كي ڇا لاءِ نٿو مارين؟ استاد چيو تہ مون كي تون ۾ كوبہ عيب نظر نٿو اچي، ان كري توكي نٿو ماريان. چوندڙ كهڙو نہ سنو چيو آهي:

مجنون عشق را امروز ديگر حالتست
اسلام دين ليلىٰ ديگر ضلالتست

(عشق جي مجنون جي اڄ حالت تبديل آهي! جو سمجهي ٿو تہ دين اسلام سڀ ليلىٰ آهي باقي ٻيو سڀ اجايو آهي!)

نقل 17: هڪ دفعي پير سائين جن جيسلمير جي سفر تان موتندي كاك وٽان گذر فرمايائون، تڏهن فقيرن عرض كيو تہ حضرتا! هيءَ كاك آهي ۽ ويجهو ئي مائي مومل جو محل آهي، منجهس جيكي ڏيئا ٻاريندا هئا، تن جي كاراڻ اڃان بيني آهي. پير سائين جن ان مهل ئي پنهنجي گهوڙي كي مائي مومل جي محل ڏانهن موڙيو ۽ فرمايائون تہ اچو تہ ڏين جي دونهين جي كاراڻ ڏسون، ڇو تہ عاشقن جي جاءِ آهي! ان وقت معرفت ۽ حقائق آگاهہ ميان قابل شاهہ ﷺ عرض كيو تہ حضرتا! هي وقت مسافريءَ جو آهي. مومل جو محل، جيكو هڪ بيهوده عورت جي جاءِ آهي ان ڏانهن سفر كي موقوف فرمايو ۽ فقير سفر جي سختيءَ جي كري ٽكجي پوندا. پاڻ كريمن گهڙي كن خاموش ٿي گهوڙي كي وري ساڳئي رستي ڏانهن هلايو. تان جو اچي لڌاٽي پهتا. پوءِ ات كجهہ وقت گهوڙي كي بيهاري واپس روانا ٿيا. اي عزيز! كامل كي مجاز ۾ حقيقت تي نظر هوندي آهي، هيءَ همت ۽ قوت جيكا فرع (يعني مجاز ۾) آهي، سا پنهنجي اصل كان (يعني حقيقت) كان حاصل ٿيل آهي، جيكي ظاهر ۾ انهن يعني مومل ڏانهن منسوب آهي. حقيقت ۾ آنجناب ڏانهن آهي، كماليت جا صاحب مجازي ۽ حقيقت ٻنهي طرفن كان ذوق جو وڏو ذوق ونڻ ٿا. ظاهري طرح حضرت پير سائين رضي الله عنه جن جو جيكو مومل جي محلات ڏسڻ جو لاڙو نظر اچي ٿو، سو مائي صاحبہ مجازي عشق ۾ جيكا همت ۽ محبت پئي ركي، ان سان هو، ڇو تہ عشق جو قدر عاشقن كي ئي هوندو آهي.

قدر زر زرگر شناسد قدر جوهر جوهری

(سون جو قدر سونارو ۽ جوهر جو قدر جوهري ئي سڃاڻندو آهي!)

نقل 18: سيد موليڏنو شاھ ٽنڊي باگي جو رھندڙ نقل ڪري ٿو ته ھڪ ڏينھن پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته اسان جي جنھن مريد مجاز ڪيو، سو اسان جو مريد نہ آھي ان ارشاد ٻڌڻ شرط حاضرين محفل ڊڄي ۽ ڏڪي ويا. چپن تي خاموشيءَ جي مھر لڳل ھئي، ڪنھن کي بہ ڳالھائڻ جي جرئت نہ ٿي. ان کان پوءِ پاڻ ئي ارشاد فرمايائون ته عشق مجازي بہ آھي، پر جيئن ھڪ بزرگ جي مريد ڪيو، ان جو بيان ھي آھي ته ڪيس فيض حاصل نٿي ٿيو، باوجود ان جي جو گھٽي مدت خدمت ۾ بہ رھيو، ۽ فيض لاءِ عرض ڪندو رھيو! ھڪ ڏينھن پير ڪيس چيو ته وڃ ۽ وڃي مجاز ڪر، مريد پنھنجي پير جي حڪم موجب بازار ۾ وڃي ھڪ خوبصورت ھندو عورت، جيڪا پنھنجي دڪان تي ويٺي ھئي، اچي ان جي سامھون ھڪ ٻئي دڪان تي ويھي رھيو ۽ ان عورت کي پئي ڏٺائين. ڪيس ڏسڻ ۾ محو ٿيو ۽ عورت ڏٺو ته مون ڏانھن نھاري ٿو، ان ڪري ان کي پُٺ ڏيئي ويھي رھي، ته بہ مرد سچو ڏينھن ان ڏانھن پئي ڏٺو! جڏھن ڏينھن پورو ٿيو تڏھن پنھنجي پير وٽ اچي پوري حقيقت بيان ڪيائين. جڏھن ٻيون ڏينھن ٿيو تڏھن ساڳئي دڪان تي ويھي سامھون نظارو ڪرڻ لڳو! مائي پنھنجو دڪان ڇڏي وڃي اندر گھر ويٺي ۽ فقير انھيءَ ئي جاءِ تي ويٺي ان ڏانھن وري پئي ڏٺو! پوءِ ڪنھن ڪنھن وقت اھا عورت ٻاھر آئي ٿي ۽ جڏھن ان کي نھارينڈو پئي ڏٺائين، تڏھن وري واپس گھر ٿي ھلي وئي. اھڙي طرح جڏھن سج لھي ويو، تڏھن مريد واپس اچي پنھنجي مرشد کي ساري حقيقت ظاھر ڪيائين. پوءِ ساڳي طرح ٽئين ڏينھن بہ مجنون وانگر بيقرار ٿي ان دڪان تي ويھي عورت ڏانھن ڏسندو رھيو. تان جو عورت گھر ڇڏي ٻئي (پاڙي واري جي) گھر وڃي ويٺي! پر ڪنھن ڪنھن وقت گھر جي حفاظت لاءِ ٻاھر ايندي رھي ۽ فقير کي بہ اتي ويٺل ڏسندي رھي! اھڙي طرح ٽيون ڏينھن پورو ٿي ويو ۽ رات جو پوري حقيقت پنھنجي پير کي اچي ٻڌايائين! ساڳي طرح چوٿين ڏينھن بہ ان جاءِ تي اچي ويٺو، عورت سمجھيو ته ھي مڙس سچو عاشق آھي، سو پاڻ بہ ان جي محبت ۾ گرفتار ٿي پئي ۽ ٻنھي طرفن جا حجاب کڄي ويا ۽ ھڪ ٻئي ۾ ڳالھيون ٻولھيون شروع ٿي ويون. جڏھن اھو ڏينھن بہ ان نموني سان پورو ٿي ويو، ته رات جو پنھنجي پير کي سڄي حقيقت عرض ڪيائين. تڏھن پير صاحب ھن کي فرمايو ته صبح جو وڃي ان عورت کي رات ھڪ وڻ ھيٺان گڏ ٿيڻ جو انجام ڏيئي مون وٽ اچجانءِ. فقير پنجين ڏينھن بہ ساڳي جاءِ تي ويو. جڏھن عورت آئي ۽ دوستي ۽ محبت مخلصا نہ ڏيکاريائين، تڏھن فقير عورت کي چيو ته اڄ رات فلاڻي وڻ جي ھيٺان محبت لاءِ ايناسون! ان کان بعد فقير، پير صاحب وٽ آيو ۽ سارو قصو عرض ڪيائين. پير صاحب فرمايو ته وڃ ان وڻ جي مٿان چڙھي ويھ! جڏھن عورت اچي ۽ ڳولي ڳولي ھلي وڃي، پوءِ مون وٽ اچجانءِ. فقير کي جيئن پير صاحب چيو ھو، ان رات ائين ڪري واپس اچي خدمت ۾ سڀ احوال عرض ڪيو! پوءِ پير صاحب کيس خلوت ۾ ويھاري دروازو بند ڪرائي ڇڏيو! جڏھن چاليھ ڏينھن پورا ٿيا، تڏھن مرشد نالو وٺي سڏ ڪيائينس ته فقير جواب ڏنو ته سائين مان اھو نہ آھيان مان ته ھندو عورت آھيان:

من تو شدم تو من شدی من تن شدم تو جان شدی
تا کس نہ گوید بعد ازین من دیگرم تو دیگری!

(مان تون هجان ۽ تون وري مان هجان مان جسم هجان تون جان هجين تہ جيئن ان کان پوءِ کير ائين نہ چوي تہ مان ٻيو آهيان ۽ تون ٻيو آهين!).

ان کان بعد پير صاحب هن کي چيو تہ هاڻ ان خيال کي ڇڏ ۽ منهنجي صورت جو تصور پچاءِ. پوءِ جڏهن چاليهہ ڏينهن گذريا ۽ مرشد جي صورت تمام پڪي ٿي ويئي، تڏهن خود پاڻ کي پنهنجو مرشد سمجهيائين. ڏنائين جو ڪجهہ ڏسٽو هو! لڏائين جيڪي لهٽو هو! يعني اهو ڏنائين جيڪو لکڻ ۾ نٿو اچي ۽ اهو لڏائين جيڪو بيان ڪرڻ ۾ نٿو اچي ان جاءِ تي هڪ بزرگ چيو آهي:

پیر رہ کبریت احمر آمدہ ست
سینۂ او بحر اخضر آمدہ است

(يعني مرشد ڪريم ڪيميا آهي ۽ان جو سينو تمام اونهو دريا آهي!)

تا نیاید جان آدم آشکار
رہ ندانستند سوئے کردگار!

(جيستائين آدم جو روح ظاهر نہ ٿيو تيستائين الله تعاليٰ ڏانهن وات ڪنهن نہ لڌي هئي!)

رہ پدید آمد چو آدم شد پدید
ھشت جنت را کلید آمد پدید

(جڏهن آدم پيدا ٿيو تڏهن وات ظاهر ٿي پئي! ۽ اٽن جنتن جي چابي ۽ ظاهر ٿي پئي!)

نقل 19: مريد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ پاڻ ڪريمن نقل بيان فرمايو تہ هڪ بادشاهہ جي ڏيءَ جي بانهن ٻڌي پئي، بانهن ٻڌڻ ۽ دوا لاءِ هڪ ڪنير کي مقرر ڪيائون! جيڪو هر روز ايندو هو. بادشاهہ زاديءَ جي دل ان ڪنير جي محبت ۾ گرفتار ٿي پئي، جڏهن بانهن درست ٿي ويئي تڏهن ڪنير کي اچڻ کان روڪيو ويو! شهزادي دائي کان پڇيو تہ ڪنير هاڻي ڪيئن اچي؟ دائي چيو تہ اي شهزادي هاڻي ڪنير ان وقت ايندو جڏهن بانهن ٻڌندي. جيئن چيو اٽن:

"تا محنت نکشی لذت نہ چشی"

جيستائين تڪليف نہ سهندين، تيستائين لذت حاصل نہ ڪري سگهندين!

نقل 20: هڪ ڏينهن حضرت مرشد ڪريم جن کان اجازت طلبي وقت توجهہ فرمائڻ جي درخواست

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪيم! تڏهن مون کي ويهاري توجهه فرمايائون عشق جي باب مان هڪ نقل ارشاد فرمايائون ته هڪ شخص درياه جي هن طرف رهندڙ عورت تي عاشق هو ۽ سڄو ڏيهن ان جي ديدار ۾ رهندو هو ۽ رات جو پنهنجي گهر ۾ بيهي معشوقه جي گهر ڏانهن ڏسندو رهندو هو. گهڻي مدت کان بعد محبوبہ سان ملاقات حاصل ٿيس. ان وقت پنهنجي معشوقه کي چيائين ته جيڪو ذوق تنهنجي فراق ۾ آيو ٿي اهو تنهنجي وصال ۾ نہ ٿو ملي! اتفاق سان انهيءَ ڳالهه جي خبر اتي جي رهندڙ اسان جي هڪ مريد کي پيئي، تنهن کيس چيو ته جي تون اسان جي مرشد جو مريد ٿئين ته توکي عجيب شوق ذوق ۽ لطف نصيب ٿيندو. آخر ڪار ان کي اسان جي اڳيان آندائين. اسان کيس ذڪر جي تلقين ڪري طريقي عاليہ ۾ داخل ڪيو سون ته هن کي وڏيڪ ذوق حاصل ٿيو ۽ ان کان پوءِ اهو درويش ۽ ان جو رفيق گڏ پنهنجي گوٺ ويا! جڏهن جمعي جو ڏينهن آيو، تڏهن ان فقير هن کي چيو ته اڄ تيار ٿيءُ ته درگاهه مبارڪ تي هلي حضور جن جي زيارت کان مشرف ٿيون، پر جيئن ته هو پنهنجي ذوق ۾ محو هو جواب ڏنائين ته جيڪي گهريم ٿي، اهو ان ڏينهن ئي پير سائين جن جي صحبت سان حاصل ٿي ويو! پوءِ پاڻ ڪريمن فرمايو ته جيڪو مجازي عشق ۽ ان جي آداب ۽ حدود کي اڳيان رکندو ۽ ادب کي نہ ڇڏيندو ته اهو حقيقي عشق ۽ الله سائينءَ جي محبت ۾ جلدي وڃي رسندو.

نقل 21: حضرت پير سائين جن نقل ارشاد فرمايو ته بيبي رابعہ بصري جڏهن بيمار ٿيندي هئي، تڏهن چوندي هئي ته اي خدا! ماني ته ڏنئي پر پاڇي بہ ڏي. (يعني بيماري ته ڏنئي پر درد بہ ڏي) اي عزيز! اهو ظاهري درد نہ هو بلڪ ذوق ۽ شوق هو جنهن کي گهري ورتائين ٿي:

هر کہ دارد راہِ درد و دردِ راہ
سوز او برجاءِ او باشد گواہ

(درد جي واٽهڙو جي درد تي سندس سوز ئي ڪافي گواهه آهي.)

گرد وائے وصل اومی بایدت
درد خواہ و درد خواہ درد خواہ

(جيڪڏهن توکي سندس وصل جي دوا گهرجي ته ڏک ئي ڏک پيو گهر ڪر!)

نقل 22: پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته هڪ ڏينهن وقت جا بزرگ بيبي رابعہ بصري وٽ آيل هئا ۽ هڪ ٻئي ۾ ڳالهيون شروع ڪيائون ۽ چيائون ته حق جو طالب بيمار ٿئي ته ڇا ڪري؟ هڪڙي چيو ته صبر ڪري، ٻئي چيو راضي رهي، ان کان پوءِ رابعہ بصري کان پڇيائون؟ بيبي صاحبہ فرمايو ته اهڙي طرح لذت ۽ ذوق وٺڻ گهرجي جو صبر ۽ رضا ٻئي وسري وڃن!

نقل 23: هيڪر حضرت پير سائين رضی الله عنه جن نقل بيان فرمايو ته هڪڙي بزرگ جو مريد حال جو صاحب

ڪنديره پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هو تنهن کي فقيري جو لباس ڏکائي پاڻ سان گڏ حرمين شريفين جي زيارت لاءِ ونڻي ويو! جڏهن مدينہ منوره ۾ پهتا ان وقت اهو مريد مجازي عشق ۾ قاسي ويو ۽ درويشاڻا ڪپڙا لاهي مرشد جي اڳيان رکيائين. پير فرمايو تہ تنهنجو حال باقي آهي فقيراڻي لباس لاهڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟ مريد عرض ڪيو تہ پهريائين منهنجي دل ۾ الله تعاليٰ جي محبت هئي، هن وقت مخلوق جي محبت ۾ گرفتار ٿيو آهيان، ان ڪري فقيراڻو لباس لاهي ڇڏيم. ڇو تہ آئون ان جو لائق نہ آهيان! پوءِ جڏهن مرشد توجہ سان ان جي دل مان اهو خيال ڪڍيو تڏهن اهو لباس ڏکيائين.

نقل 24: هڪ دفعي آئون (جامع ملفوظات ﷺ) شوق جي غلبي ۽ محبت جي ڪشش وچان حضرت پير سائين جن جي قدم بوسي لاءِ درگاهہ مبارڪ تي پهتس، تہ پاڻ سڳورا منهنجي پهچڻ کان اڳ قلات جي سفر ڏانهن تشريف فرمائي ويا هئا، پوءِ آئون ۽ پيا پہ فقير (حاجي غيبي خان ۽ حاجي هيبت فقير) پہ قلات ڏانهن روانا ٿيا سون! ۽ جڏهن منزلون هٽي، ظهري ڳوٺ ۾ پهتاسون ۽ ظهري قلات جي ديهن مان هڪ ديهہ آهي، تڏهن انهن فقيرن کي اتي ڇڏي اڳتي وڌي ٻن پهرن جو نيچاره شهر ۾ پهتس ۽ حضرت مرشد ڪريم جن پہ اتي موجود هئا. جڏهن آئون خدمت ۾ حاضر ٿيس، ان وقت پاڻ ڪٽ تي آرام فرمائي رهيا هئا ۽ مون کي ديدار ڪرڻ شرط وجد پئجي ويو ۽ دانهون آهون شروع ڪيم! پاڻ ڪريم منهنجي گوڙ جي ڪري اتي پيا ۽ پاڪر پاتائون. فقيرن جي جماعت مون کان پڇيو تہ گهوڙي تي آيو آهين يا اٺ تي؟ مون کي وجد ۽ حال جي ڪري جواب جي طاقت نہ رهي هئي ۽ ڪوبہ جواب نہ ڏنم. پوءِ پاڻ ڪريمن پاڻ جواب ۾ انهن کي فرمايائون تہ گهوڙي تي آيو آهي پر عشق جي گهوڙي تي! ۽ هي بيت ارشاد فرمايائون:

پانهي وينِي جنڊ تي سائينءَ سڏ ڪيوس،
اَٽو جَنڊ رهيوسِ، ڇوهہ ڇُلندي آئي!

(يعني پانهي جنڊ تي وينِي هئي تڏهن ڪيس سردار سڏيو ان وقت جنڊ ۽ اٽو ڇڏي ڏکندي آئي.)

نقل 25: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت مولوي جامي ﷺ ڪتاب يوسف زليخا جڏهن تصنيف ڪيوتي، ان وقت مولوي جامي جي اڳيان قوال سرود وڄائيندا هئا ۽ مولوي صاحب رقص ۾ اچي ويندو هو ۽ انهيءَ مستيءَ ۾ مذڪوره ڪتاب جوڙيو هئائين!

نقل 26: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ حرم خانہ يعني حاويلي مبارڪ جي متي ڪٽ ۾ مشغول هئاسون، ايتري ۾ سالڪ مجذوبہ (حاجي ابراهيم فقير جي ماءُ) جيڪا مقربہ مريدياڻي هئي، آئي! پير سائين جن ڏسڻ شرط ڪيس فرمايائون تہ اي مجذوبہ! هاڻي تنهنجو عشق ۽ محبت ٽڏي ٽي وئي آهي ڇا؟ عشق جون رڙيون نٿي ڪرين. اڄ ڪجهہ تہ ٻڌاءِ؟ پوءِ ان مجذوبہ محبت الهي ۾ هي سنڌي بيت جوش ۽ درد ۾ وڌي آواز سان پڙهيو:

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

وسين تان وس، عالم لڳئي آسري،
هاڻي ڪيم ترس، جو مندون مٿي آئيون!

(يعني جيڪڏهن وسڻو اٿئي تہ هاڻي وس، فيض ڏيڻو اٿئي تہ ڏي، جو هاڻي سڄو جهان تو ۾ اميدوار آهي هاڻي دير نہ ڪر جو موسم چڙهي ويئي آهي يعني عمر جي حد ٽپي رهي آهي) ان بيت ۾ شرط حرم خانہ ۾ جن فقيرن مٿي ڪنئي ٿي انهن ۾ گريو ۽ وجد پئجي ويو ۽ پاڻ ڪريمن مجذوبہ کي هٿ جي اشاري سان ٻئي بيت پڙهڻ کان منع ڪري ورتائون.

نقل 27: حضرت پير سائين جن هڪ دفعي لاڙ جي سفر تي هن ٻانهي جي دعوت تي ڪڙيي گهنور ڳوٺ ۾ تشريف فرمايائون! اتي حال ۽ ڪمال جون ڳالهيون هليون! گفتگو دوران پاڻ سڳورن شاه عبداللطيف ٻٹائي رحمۃ اللہ علیہ جو هي سنڌي بيت پنهنجي زبان مبارڪ سان پڙهيو ۽ اکين مبارڪن مان لڙکن جا بيشمار قطرا حسين موتين جهڙا پنهنجي ڳلن مبارڪن تي پئي ڳاڙيائون.

جهڙي آيس جيئن، تهڙي وجان تن ڏي،
ماڙي لڳيم مهٽو، سپ جماندر سين،
ٽيس ڪاٽياري ڪانڌ جي هتي اچي هيئن،
ڪنڌ ڪٽنديس ڪيئن، جڏ ڏسنديس ماڳ مليو جا.

نقل 28: هڪ ڏينهن درگاه فلڪ بارگاه تي شام جي وقت حضرت مرشد ڪريم جن ڪي پنهنجون (قلبي) حالتون ٿي ٻڌايم، تڏهن پاڻ ڪريمن ٿڏو ساه ڪڍي فرمايو تہ: سچي طالب جو پير (پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي) اڃي ڏاڍي وارو نہ آهي بلڪ سندس پير عشق آهي!

نقل 29: هيڪر حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو تہ حضرت سليمان علیٰ نبينا وعليه السلام جي زماني ۾ وٽن مڇر دانهن ڪٽي آيا تہ يا نبي الله (اي الله جا نبي) اسان تي هوا ظلم ڪيو آهي، اسان کي پنهنجي وطن کان دربدر ڪيو اٿس، ڪيس تنبيهہ فرمايو! حضرت سليمان فرمايو توهان جي دعويٰ جو تدارڪ مدعيٰ عليہ ظالم جي موجودگي کان سواءِ نہ ٿيندو، چو تہ پهريائين ٻنهي طرفن جا بيان هڪ ٻئي جي روبرو معلوم ڪجن، ان کان بعد حق جو حساب ٿي سگهندو! توهان هت ويهو اسان هوا کي گهرايون ٿا؟ جڏهن هوا آئي ان وقت مڇر بيهي نہ سگهيا، بلڪ اڏامي اتان هليا ويا، ان جي ڪري ڪٿي بہ سندن فرياد نہ ورتو ويو! هن جاءِ تي حضرت مرشد ڪريم جن ارشاد فرمايو تہ: مڇر جو مثال عقل آهي ۽ هوا جو مثال عشق آهي جڏهن عشق آيو عقل ويو:

عشق آمد عقل را حيران كند
بلكه از وطن خودش ويران كند

(عشق آيو تہ عقل کي حيران ڪري وجهندو، بلڪ ان کي پنهنجي وطن مان ئي لڏائي ڇڏيندو)

نقل 30: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حرم شريف سميت درياهه جي هُن طرف ميان سيد مرتضيٰ ﷺ (حضرت جن جو ننڍو پاءُ) وٽ فاتحه خواني لاءِ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ هي فقير به ان سفر ۾ ساڻن گڏ هو. ٻيڻهري نماز کان بعد سندن عادت مبارڪ هوندي هئي، جو مثنوي معنوي پڙهندا هئا، انهيءَ ڏينهن به مثنوي گهرايائون پر نہ ملي. ڪنهن ماڻهوءَ عرض ڪيو تہ حضرتا! گلستان ۽ بوستان موجود آهن، پوءِ پاڻ بوستان گهرائي عشق جي باب مان ڪجهه بيان فرمائيندا رهيا! حضرت مرشد ڪريم جن جي ارشادن مان مون کي تمام گهڻي شوق ۽ وجد جو غلبو ٿيو. ان وقت ٻانهي حضور اقدس ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪي آهي اهو خلق کي ظاهر ڪري ٻڌايو، خوامخواهه ٻيا ڏس ڇا لاءِ ٿا ڏيو! پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو تہ: مثال طور جيڪڏهن ڪو مشهور شهر هجي، جنهن ڏانهن هر عام خاص ماڻهوءَ جي اچ وچ هجي، تہ هر ماڻهو مشهور رستي کان سواءِ ان شهر ۾ نہ ويندو، پر جهنگ مان غير معروف رستي سان، ڪنهن کي شهر پهچائن تمام گهٽ رواج آهي "النادر کالمعدوم" مطابق گهٽ نہ جي حڪم هيٺ هوندو آهي! ان ڪري اڳوڻن بزرگن جا ڪتاب ڏيکاريون ٿا! پوءِ هڪ نقل ارشاد فرمايائون تہ: پروانن گڏ ٿي صلاح ڪئي تہ ڪنهن شمع تي پاڻ کي هلي جلايون، ان وقت تڏ به حاضر ٿي چيو تہ آئون به توهان سان گڏجي شمع ڏسڻ ۽ پاڻ ساڙڻ جي لاءِ هلندس. پروانن کيس چيو تہ: اي تڏ! سڙڻ تنهنجو ڪم نہ آهي، پر تڏ ڳالهه ئي نہ مڃي ۽ هنن سان گڏ هلي! جڏهن شهر کي قريب پهتا، ۽ سج به لهي ويو تڏهن پروانن پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ اسان مان هڪڙو وڃي ڏسي اچي تہ شمع ڪٿي برندڙ آهي؟ سيني انڪار ڪيو! پر تڏ چيو تہ آئون ڏسي اچان ٿي پوءِ شهر وڃي ڏسي موٽي آئي ۽ پروانن کي چيائين تہ هڪ سوداگر جي گهر هڪ وڏي شمع ٻري رهي آهي، ۽ روشني به تمام گهٽي آهيس، پروانن ان کي چيو تہ اي تڏ "جي تنهنجو ڪم سڙڻ هجي ها، تہ واپس نہ اچين ها" ان ڳالهه ٻڌڻ شرط مون کي وجد اچي ويو ۽ جيڪا باهه سردي دفع ڪرڻ لاءِ پير سائين جن جي حضور ۾ ٻاري هئائون کيڙن سوڏو ان ۾ ڪري پيس ۽ باهه ٻانهي تي ڪوبہ اثر نہ ڪيو ۽ نہ کيڙن تي، جڏهن هوش ۾ آيس، تڏهن پاڻ ڪريمن ٻانهي کي فرمايو تہ هي نقل هن باهه لاءِ نہ آهي، هي باهه حق جي طالبن کي هرگز نہ ساڙيندي!

وري هڪ ٻيو ارشاد فرمايائون تہ: ڪافرن جو ڪو بادشاهه پاڻ کي الله سڏائيندو هو ۽ ڪافرن جي جماعت سندس تابع هئي. ان قوم ۾ هڪڙي چوڪري الله سبحانہ و تعاليٰ جي عبادت ڪندي هئي. مگر ڪافرن جي خوف کان لکي عبادت ڪندي هئي. هڪ رات متس ذات الٰهي جو شوق ۽ ذوق ايترو گهڻو غالب ٿي ويو جو بي خبري ۾ مراقبي ۾ وينو رهي، تانجو سج اپري ويو. ان وقت ان جو پيءُ آيو ۽ ان جي اها حالت ڏٺائين ۽ سمجهيائين تہ هي ڪنهن ٻئي خدا کي پوڄي ٿي! سو هي ماجرا ڪافرن کي وڃي ٻڌايائين. ڪافرن گڏجي اچي چوڪري کي الله تعاليٰ جي عبادت کان روڪيو، پر چوڪري باز نہ

آئي ان کان بعد ان جي پيءُ هڪ وڏو تنور تيل سان پرائي چوکريءَ کي ان جي وچ ۾ ويهاري چئني طرفن کان باهه ڏنائين. ان وقت الله تعاليٰ باهه کي حڪم فرمايو تہ: اي باهه! اسان جي هن سچي طالبہ کي پنهنجي گرمي سان نہ ساڙجانءِ ورنہ توکي عشق جي باهه سان ساڙيندس! پوءِ اها باهه ان سچي طالبہ تي حضرت ابراهيم خليل الله علىٰ نبينا وعليه السلام جي باهه وانگر بَرْدًاوَّسَلٰمًا (الانبياء : آيت ٦٩) (ٺڏي سلامتي واري) ٿي پئي ۽ کجهہ بہ اثر نہ کيائين.

نقل 31: حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا. تہ اسان جو عيال ۽ ٻارن سان کهڙو کم؟ جيکر جبل جي چُر ۾ ويهي باقي عمر الله تعاليٰ سان وڃي گذاريون. اي عزيز! حضرت پير سائين رضي الله عنه جي ذات شريف جي عالي همت ۽ بلند فطرت مبارک ظاهر ۽ باطن ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي قدم مبارک جي مطابق هئي. جنهن کري خلقِ خدا جي رهبريءَ جو بار مٿن ڳرو پئي لڳو. حافظ شيرازيءَ جي بيت موافق ذات اقدس جي هي بلند همتي ظاهراً باطنًا مطابق قدم مبارک محمد صلي الله عليه وسلم جي آهي حافظ صاحب رحمة الله عليه جي ارشاد موافق تہ:

آسمان بار امانت نتوان ست کشيد
قرعہ فال بنام من مسکين زدند

(يعني امانت جو بار آسمان نہ کٹي سگهيو! ان لاءِ فال جو کُٹو مون مسکين جي نالي کڍيائون! (بار امانت مان مقصد آهي خلق خدا کي وات ڏيکارڻ آهي)

نقل 32: خليفو اميد علي نقل کري ٿو تہ حضرت پير سائين تجر ڏٽي رضي الله عنه فرمايو تہ هڪ ٻکرار درگاهہ مبارک جي پرسان رهندو هو. هڪ ڏينهن اسان کي خيال آيو تہ عجب آهي جو هي ٻکرار جود و سخا ۽ رحمت ۽ معرفت جي وسندڙ ڪکر پاڙي ۾ هوندي بہ محروم ۽ اڇيو ڀيو ٿو رهي! خدا جي قدرت جو ٿوري مدت کانپوءِ ان ڏنار کي طلب پيدا ٿي ۽ ذکر جي تلقين وٺي مريديءَ سان مشرف ٿيو! ۽ ايتري قدر محبت ۽ جذبو پيدا ٿيس جو ڏهن ٻارهن ڏينهن اندر آهہ وفغان کري عشق جي باهه ۾ سڙي ويو ۽ پرواني وانگر پنهنجي محبوب حقيقي جي شمع تي ساهہ قربان کري فاني دنيا مان بقا واري جهان ڏانهن رحلت کيائين (انا لله و انا اليه راجعون) اي عزيز! هي موت کهڙو نہ عظيم الشان موت آهي جو "موتوا قبل ان تموتوا" (يعني مرڻ کان اڳي ئي مري وڃو) جي ميدان کان هڪ ئي ٽپ ڏيڻ سان ڪون و مڪان کان لنگهي ويو:

خوب رويان چوپرده برگيرند
پيش شان عاشقان چنان ميرند

كندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

(سهڻا جڏهن پردي کي پري ڪري ڇڏين ٿا، تہ عاشق سندن آڏو ائين مرندا آهن.)

مرگ سازد مغز را صافی زپوست
میرساند دوست را نزدیک دوست

(موت مغز کي کل کان صاف ڪندو آهي ۽ دوست کي وڃي دوست سان ملائيندو آهي.)

نقل 33: هڪ ڏينهن درگاهہ مبارڪ تي حضرت مرشد ڪريم جن جي حضور ۾ حاضر هيس اتي عشق جي ڪنل هڪ عورت آئي ۽ هڪ بيت تمام شوق ۽ آواز سان پڙهيائين ان ڪري سڄي جماعت ۾ عشق جوشعلو ٻري ويو ۽ هر هڪ گريو ڪرڻ لڳو! ۽ خود پير سائين جن جي اکين مبارڪن مان ڳوڙها وهي پيا ۽ فرمايائون تہ عجب آهي جو ايترن مردن مان ڪنهن کي بہ ايتري محبت ناهي جيتري هن عورت کي، جو هڪڙي دانهن سان سڄي جماعت ۾ روڄ وجهي ڇڏيائين. اي عزيز! جيڪا عورت طالب المولیٰ آهي ان کي عورت چوڻ نہ گهرجي بلڪ اها "طالب المولیٰ مذڪر" ۾ شامل آهي!

نقل 34: عبدالله فقير کورواهي، نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ڪڇ جي سفر کان موٽيا ۽ ڀڄ جي شهر کان سوار ٿي مهر شهر ڈانهن ايندي پنهنجو گهوڙو تمام تکو ڪاهيائون، ان ڪري پيادا فقير سڀ وات ۾ رهجي ويا! مان بہ پيادن سان گڏ هوس! وات ۾ ابوبڪر فقير شاعر گڏيو، جيڪو پاڻ ڪريمن جو سچو مريد هو گهوڙن جي تيز رفتاريءَ ڪري پوئتي رهجي ويو ۽ اڪيلائپ جي ڪري ڏڪ وچان رنو پئي، پوءِ اسان سان گڏجي هليو ۽ وات ۾ هڪ ڪافي تيار ڪيائين جنهن جو منڌ آهي:

سسئي کي نال نہ نيندا، خانا خون پريندا!

پاڻ ڪريمن وٽ حاضر ٿيڻ سان اها ڪافي پڙهيائين پاڻ ٻڌي فرمايائون ابوبڪر هي ڇا چيو اٿئي؟

جيڪڏهن سسئي مثل لکين عاشق ساهہ بہ قربان ڪن تہ بہ معشوق کي ڪهڙي پرواهہ! عجيب ڳالهہ آهي جو معشوق کي ڏوراپو ڏنو اٿئي! هي عشق جي مذهب ۾ بي ادبي آهي:

عاشقان کشتگانِ معشوق اند
برنیاید زکشتگان آواز!

(عاشق معشوقن جا ڪنل آهن، ڪنلن کان آواز ٻاهر نہ نڪرندو آهي!)

نقل 35: هيڪر حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو تہ هڪ ڇوڪر سيرت ۽ صورت جو سهڻو هو. سندس حسن تي عاشق بازارن، گهٽين ۽ گهرن ۾ ديدار لاءِ مشتاق بينا هوندا هئا! ان جي پيءُ هڪ

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڏينهن کيس چيو تہ اي اکين جا ٿار انهن عاشقن کان جدا جدا پچ تہ هو ڇا تي عاشق ٿيا آهن؟ جڏهن چوڪري سيني عاشقن کان سندن عشق جو سبب پڇيو تہ ڪنهن چيو تہ تنهنجي زلفن تي عاشق آهيان ڪن چيو تہ تنهنجي چهري تي عاشق آهيون ڪن چيو تہ تنهنجي نڪ تي عاشق آهيون. ڪن خال تہ ڪن اک تي، ۽ ڪن رخسارن تي، عشق ظاهر ڪيو. مطلب تہ جدا جدا وصف ٻڌايائون! پر انهن مان هڪ ٻڍڙي ضعيف عاشق ٻڌايو تہ آڻ توتي عاشق آهيان وصف ۽ صفت جي مون کي ڪا بہ خبر نہ آهي! چوڪري سموري حقيقت پيئ کي ٻڌائي پيئ چيس تہ بابا ٻيا تنهنجا عاشق نہ آهن محض وصف جا قيدي آهن. تنهنجو بالذات عاشق هي شخص آهي توکي گهرجي تہ تون ان سان قرب ڪر ۽ ان جي خدمت گذاري پاڻ تي فرض عين ڪري ڇاڻ:

عشق عاشق را جوانی می دهد
گرچه ابروئے سیه کافور شد

(عاشق کي عشق نئين جواني ٿو ڏئي، اگرچہ هي ڪارا پرون آڇا ٿي وڃن!)

بوالعجب سورة است سورة عشق
چار مصحف درو یک آیت نیست

(سورت عشق واري عجيب سورت آهي، چارئي مصحف تہ موجود آهن پر انهن ۾ هڪڙي آيت بہ ڪونہ آهي!)

بو حنیفه عشق را درس نکرد
شافعی را درو روایت نیست

(حضرت ابو حنيفہ رضی اللہ عنہ تہ عشق جو سبق ئي نہ پڙهايو، ۽ حضرت شافعي رضی اللہ عنہ کان بہ عشق بابت ڪابہ روايت ناهي آئي!)

حنبل از سرّ عشق بی خبر است
مالک را درو روایت نیست

(حضرت احمد بن حنبل رضی اللہ عنہ عشق جي راز کان بي خبر آهي ۽ حضرت مالک رضی اللہ عنہ کان عشق بابت ڪا روايت نقل ٿيل ڪانهي!)

عاشقان را از بلا صد راحت است
گر محبت همنشین گه محنت است

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

(عاشقن لاءِ مصيبت ۾ سو راحتون آهن، ڪڏهن محبت گڏ رهندڙ ته ڪڏهن آڏو تڪليف آهي!)

آنجا کہ غفلت است ذوق و راحت است،
آنجا کہ عشق اوست بلا بربلا بود

(جتي غفلت آهي، اتي مزو ۽ راحت آهي! پر جتي عشق آهي اتي امتحانن مٿان امتحان آهن!)

طریق عشق جانان جزبلا نیست
زمانے بے بلا بودن روا نیست

(محبوبن جي عشق جو طريقو ئي مصيبت آهي، ڪا گهڙي بغير مصيبت جي هجڻ جائز ئي نہ آهي!)

نقل 36: حافظ قرار ڪنياري جو رهندڙ نقل ڪري ٻڌو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ڪنياري ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي فقير هالي ماڻهن جي گوڙ ۾ منهنجو نالو ونڻي ڏاڍيان سڏ ڪري چيو ته او حافظ قرار! اهو ٻُڌي پاڻ فرمايائون ته "جنهن جاءِ تي عشق هوندو اتي قرار ڪيئن رهندو"؟

نقل 37: مدد خان پناڻ افغاني (جيڪو ماڻهن ۾ دلدار خان جي نالي سان مشهور هو) جڏهن سنڌ ملڪ ۾ اچي ڦر لٽ ٿي ڪئي، تن ڏينهن ۾ حضرت پير سائين جن ڪهڙن تشريف ونڻي ويا ٿي! رستي ۾ ڪنهن ماڻهو کين عرض ڪيو ته حضرتا! دلدار خان پنهنجي لشڪر سان دريا جي ڪپ تي لٽل آهي اوهان پنهنجو شهر ڪيئن ڇڏي وڃو ٿا؟ جواب ۾ فرمايائون ته اسان جو سمورو سامان اسان جو دلدار اڳيئي لٽي ويو آهي! تنهن ڪري اسان کي ڦر لٽ جو ڪهڙو ٻڌ؟!

نقل 38: غلام محمد نظاماڻي ٽنڊي سومري نظاماڻي جو رهندڙ نقل ڪري ٻڌو ته هڪ دفعي حضرت مرشد ڪريم جن سان گڏجي ديهه ڪنگري (درگاه مبارڪ کان اوپر ٻہ ڪوه) آياسون، مان سندن چهري انور جي زيارت ۾ مست هوس پاڻ ڪريمن احقر ڏانهن نٽي ڏٺو! پوءِ خدمت اقدس ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! عاشق، معشوق جو نظارو ڪري ٻڌو پر معشوق ان ڏانهن نظر نٽو ڪري ان جو سبب ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون عاشق جي دير سان حاضر ٿيڻ سبب! هتي چوندڙ ڪهڙو نہ سٺو چيو آهي:

در دل من از تو رازی است تو ہم میدانی
دل من کشتہ نازے است تو ہم میدانی

(منهنجي دل ۾ هڪ راز آهي جنهن کي تون ٻہ ڄاڻين پيو، ۽ منهنجي دل ناز سان ڪٽل آهي ان جي توکي ٻہ خبر آهي!)

نقل 39: گل فقير مونگيو نقل ڪري ٻڌو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ٽلاهه ۾ تشريف فرما

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٿيا هئا! عشاء نماز کان بعد فقير جان محمد پاڻ سڳورن جي حضور ۾ ڳائڻ لڳو ۽ ان وچ ۾ سنڌي جو هي بيت پڙهيائين:

جت ويا جاڏي ٿي وات نہ سونهين تاڏي
هي سٽي ڪر ڳل ڪيچن جو تن تانگهي تاڏي
سڃڻ منهن مانڈي، ڪر تہ ڪاهل نہ ٿيان!

پير سائين جن اهو بڌي ان فقير کي فرمايائون تہ وري پڙھ ۽ ٻانهي کي حڪم ڪيائون تہ قلمدان کڻي اچ. ٻانهي قلمدان پيش ڪيو! ان وقت مون کي فرمايائون تہ ڪجھ پڙهيو آهين؟ مون عرض ڪيو تہ حضرتا ڪجھ ٻہ نہ! پوءِ محبوبانہ انداز ۾ فرمايائون تہ تون ٻہ ترار هٽڻ لاءِ ڪوري وڻي آيو آهين، پوءِ بيت پنهنجي هٿ مبارڪ سان لکيائون.

نقل 40: حضرت مرشد ڪريم جن جي عادت مبارڪ هئي تہ هي بيت وري وري پڙهندا هئا:

بيا بياکہ مرا آرزوئے تست آخر
نشاط من بتماشائے روئے تست آخر

(يعني اچ اچ جو مون کي تنهنجي ئي تہ آرزو آهي ۽ منهنجي خوشي تنهنجي منهن مبارڪ جي ڏسڻ ۾ آهي.)

نقل 41: يعقوب فقير ڏيٿي ۽ خليفي ميان عبدالرحمٰن سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا، الله تعاليٰ جي بي مثال ۽ مُنزّہ ذات جي زيارت ڪيئن ٿيندي؟ پاڻ فرمايائون:

عاشق تڻان ديرا گهٽي، جڻان جسم نہ جاني!

نقل 42: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ جڏهن مجنون ظاهري موت سان رحلت ڪئي! تڏهن بگهڙ سندس لاش تي اچي گڏ ٿيا، هڪ وڏي عمر جي بگهڙ پين کي چيو تہ مجنون عشق جو زهر کاڌل آهي. جيڪو کيس کائيندو تہ هلاڪ ٿيندو؟ اهڙي طرح سمورا بگهڙ ٿهي پڃي ويا!

اتي پاڻ ڪريمن هي نڪتو بيان فرمايو تہ "هر انسان مجنون آهي، بشرطيڪ سندس دل ۾ عشق الاهي هجي، پوءِ جيڪڏهن وٽس خيالي بگهڙ غير جا دليل وجهڻ ايندو تہ زهر جي بوءِ سونگهي پڃي ويندو!

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل بيون
محبت ۽ بيقراري

نقل 1: هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ طالب کي گهرجي تہ پنهنجي دل هميشہ محبوب حقيقي جي انتظار ۾ ائين رکي جيئن عاشق پنهنجي وڇڙيل محبوب جي ڏسڻ لاءِ هميشہ پريشان ۽ بيقرار هوندو آهي:

معلق راچہ صبر وچہ قرار است!
محبت ۾ قاتل دل کي کهڙو صبر ۽ کهڙو قرار هوندو؟

اتي هي سنڌي بيت بہ پڙهيائون:

صائم سکي جيئن اذان جي آواز کي
مون تن آهي تيئن سکايو سڃڻين!

يعني جيئن روزيدار مغرب جي آذان جو منتظر هوندو آهي تيئن آئون بہ دوست جو منتظر رهندو آهيان.

نقل 2: هڪ ڏينهن جهجي ۾ حضرت پير سائين جن وٽ حاضر هوس! جڏهن تہ پاڻ سڳورن حافظ شيرازي جو ديوان ٿي پڙهيو! تنهن کري جماعت تي شوق، ذوق ۽ وجد جو سخت غلبو هو. پاڻ ديوان پڙهڻ کان بس کيائون تہ جماعت جي بيقراري خودبخود آرام ۾ مٽجي وئي.

ابوبکر فقير (جيڪو پنهنجون جوڙيل کافيون ۽ شعر سندن حضور ۾ پڙهندو هو ۽ پڻ سنڌي ۾ بہ کافي جوڙڻ ۽ پڙهڻ ۾ مشهور هو) وري ديوان حافظ سندن خدمت ۾ آندو تہ کيس فرمايائون: هن کان اڳي ديوان پڙهڻ سان شوق ۽ ذوق حاصل ٿيندو هو. پر هاڻي ذوق هٿ نہ ٿو اچي! توهان کي گهرجي تہ بہ ٿي غزل ياد کري شوق ۽ ذوق جي وقت پڙهو!

بعد ۾ پانهي ڏانهن منهن مبارک کري اشارو کندي فرمايائون تہ: جيڪڏهن ديوان حافظ هي شخص پڙهي تہ لائق آهي!

پڻ پنهنجي زبان مبارک سان هي لفظ (سنڌي جا) بہ ارشاد فرمايائون: جي ڇڪجيس تہ ڏاند کي گابو ڇائو آهي تہ وسهي، يعني کيس ڇڪجي تہ ڏاند گابو ڇڏيو آهي تہ ان تي ويساهہ ۽ يقين کندو.

نقل 3: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ مخدوم نوح ﷺ هالا کندي جي رهندڙ کي ابتدا ۾ شوق ۽ ذوق ايڏو تہ سخت هو. جو رات ڏينهن بيقرار ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڦرندو هو! جڏهن شهر جي ماڻهن

کندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

کي ستل ڏسندو هو، چوندو هو ته "اهي خدا کي لهي آرام سان سمهي پيا آهن، اي نوح! تو کجھ نہ کيو ۽ نہ خدا مليئي! تنهن کري ڳوڙ ڳوڙ قرين پيو" انهن لفظن سان سندس عشق جي باھ تيز ٿي ويندي هئي ۽ ويتر بيقرار ٿي پوندو هو! چوندڙ کھڙو نہ سنو چيو آهي:

راه طلب منزل آرام نه دارد
شد هم سفر ريگ قافله ما

(منزل جو طالب آرام نہ کندو آهي! ريگستان جي واري اسان جي قافلي جو هم سفر آهي)

نقل 4: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته حضرت مخدوم نوح سرور رحمۃ اللہ علیہ جڏهن جذب جوش ۽ بيقراري جي حالت ۾ رات ڏينهن سجاڳ رهي گهمندو قرندو رهندو هو! تڏهن سندس دل ۾ وهم پيدا ٿيو ته الائي ڇو آءٌ سجاڳ ۽ بيقرار پيو رهان؟ هڪ ڏينهن مراقبي ۾ وينو هو ته مٿس ننڊ غلبو کيو ۽ خواب ۾ ڏٺائين ته غيب جو هٿ سندس ڪنڌ ۾ آهي ۽ غيب کان آواز آيس ته منهنجو هٿ تنهنجي ڪنڌ ۾ آهي مون توکي سجاڳ کيو آهي تون پاڻ سجاڳ نہ ٿيو آهين.

اگر از جانب معشوق نباشد کشش
کوشش عاشق بيچاره بجائے نه رسد

(جيڪڏهن معشوق جي طرف کان ڪشش نہ هوندي ته عاشق ويچاري جي ڪوشش ڪيس جاءِ تي پهچائي نہ سگهندي!)

نقل 5: حضرت مرشد کريم جن ارشاد فرمايو ته جڏهن اصحاب کهف جا، دقيانوس جي شهر کان باهر نڪري جهنگل ڏانهن روانا ٿيا! تڏهن کين هڪ ٻڪرار مليو ۽ چيائين ته يارو ڪاڏي ٿا وڃو؟ هنن چيو ته الله تعاليٰ جل شانه ڏانهن ٿا وڃون! ٻڪرار چيو ته مان ٻہ توهان سان الله جل شانه ڏانهن هلندس! پوءِ انهن سان گڏجي روانو ٿيو ۽ ٻڪرار جو ڪتو ٻہ ساڻن روانو ٿيو! جڏهن ٻہ ٽي قدم اڳتي هليا تڏهن ڏٺائون ته ڪتو ٻہ اسان جي پويان اچي پيو. ڪتي کان پڇيائون ته ڪاڏي ٿو وڃين؟ ڪتي حال جي زبان سان چيو ته مان ٻہ توهان سان هلان ٿو! هنن چيو ته تون اسان سان نہ هل! تون اسان جي جنس مان نہ آهين. ڪتي چيو ته يارو! جيڪڏهن الله جي طلب لاءِ جنسيت شرط آهي ته توهان ٻہ واپس ورو ڇو ته توهان ٻہ الله تعاليٰ جي جنس مان نہ آهيو! اهڙي طرح ڪتو ساڻن گڏجي هليو:

سگ اصحاب کهف روزے چند
پئے نيکان گرفت مردم شد

اصحاب کهف جي ڪتي کجھ ڏينهن نيڪن جي صحبت اختيار ڪئي ماڻهو ٽي پيو! ۽

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چوندڙ کھڙو نہ چگو چيو تہ:

یک نظر فرمائے کہ مستغنی شوم از ابناءِ جنس
سگ کہ شد منظور نجم الدین سگا نرا سرور است

(هڪڙي نظر فرمايو تہ هر جنس کان بي نياز ٿي وڃان جيڪو ڪتو نجم الدين بزرگ رحمۃ اللہ علیہ جو منظور نظر ٿيو سو سپني ڪتن جو سردار ٿيو هو!)

نقل 6: هڪ ڏينهن ڪچ جي سفر ۾ پانهي کي خطاب ڪري فرمايائون تہ نماز بغير محبت ۽ ذوق جي بي فائده آهي! مون عرض ڪيو تہ حضرتا اسان جي بہ مرضي نماز نہ پڙهڻ جي آهي! جيڪڏهن حڪم ٿئي تہ نماز ڇڏي ڏيون پاڻ ٿوري دير ماڻ ڪري فرمايائون: ڇڏڻي تہ بهرحال ڪونہ آهي!

نماز عابدان قعده و سجود است
نماز عاشقان ترک وجود است

(يعني عابدن جي نماز تہ قعدو ۽ سجدو آهي مگر عاشقن جي نماز وجود کي ڇڏي ڏيڻ آهي.)

نقل 7: حضرت پير سائين روضي ڏٽي جن محبت ۽ جوش سان ڳالهہ بيان فرمائيندا هئا تہ هڪڙي ماڻهو اٺ گم ڪيو هو ۽ چيائين ٿي تہ جيڪو مون کي اٺ لهي ڏيندو تنهن کي بہ اٺ ڏيندس! ڪنهن ماڻهوءَ کيس چيو تہ اها ڪهڙي بيوقوفي آهي جو هڪ اٺ جي عيوض بہ اٺ ڏئين ٿو؟ ان ماڻهوءَ جواب ڏنو تہ توکي گم ٿيل جو قدر نہ آهي! جيڪڏهن گم ٿيل شيءِ واپس هٿ اچي تہ ان جي عيوض پيٽو ڏيڻ ۾ ڪهڙو حرج! پير سائين جن جي فرمودي ۾ نڪتو هي آهي تہ جڏهن انهيءَ شخص هڪ اٺ جي جدائي ۾ بہ اٺ ڏنا ٿي تہ پوءِ مرشد جيڪا هڪ وڏي نعمت آهي ان جي جدائي ۾ جي سئو ساهہ هجن تہ بہ قربان ڪجن! ڇوتہ انهيءَ نعمت جو قدر طالبن کي هوندو آهي جيئن چيو اٿن تہ:

قدر عافیت کسے داند کہ مصیبتے گرفتار آید

(يعني تندرستي جو قدر ان کي هوندو جيڪو بيمار ٿيو هوندو:)

مٿي منهنجي تي هُون سسُين لک هزار
هر هر ويڄم هيڪڙي تنهن جي تند تنوار

نقل 8: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت ميان صاحب جن اسان کي ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن حضرت مخدوم سائين جن سان گڏ هئاسون! واٽ ۾ حضرت مخدوم سائين جن تي محبت ۽ شوق وچان حال جو غلبو ٿي ويو ۽ ڊڪڻ لڳا جيتوٽيڪ فقيرن جي جماعت بہ سندن پويان ڊڪي پر رهجي وئي. فقط آئون سندن پر وٺي هلندو پي آيس! پاڻ هڪ جاءِ تي ويهي رهيا ۽

سڄو بدن پگھر سان شل ٿي وين! مون کين ڪپڙي سان واءُ هٽڻ شروع ڪئي! ٿوري دير کان پوءِ ٻيا فقير ٻہ اچي ويا. پاڻ فرمايائون تہ فقيرو! هوا هٽڻ وارو ڪپڙو شاھ (ميان صاحب) کان ونڻي توھان هوا هٽو؟ حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ ان کان بعد اسان ميان صاحب جن کان پڇو تہ مخدوم سائين جن جو ڏکڻ کھڙي سبب جي ڪري هو پاڻ جواب ڏنائون تہ هي ٻہ حال هيو!

نقل 9: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت ميان صاحب ﷺ جن فرمائيندا هئا تہ ڪڏھن ڪڏھن حضرت مخدوم سائين جن تي محبت ۽ شوق ۽ بي قراري اھڙي تہ غالب ٿيندي هئي جو سڄي رات مسجد شريف ۾ ڦرندا رهندا هئا ۽ هي سنڌي بيت تڪرار سان پڙهندا رهندا هئا:

پر پُونءِ مٿي پير مَن سکي ساٽيھ کي
ڪنھن سياڻي ويرِ ماڳ ملندءِ مارئي

(يعني پرديس ۾ دل ۽ پير وطن جي ڪشش ڪندا آهن ۽ ڪنھن ڀلاري ساعت ۾ مارئي پنھنجي اصلي وطن پھچندينءَ.

نقل 10: حضرت پير سائين جن ڪڇ جي سفر ۾ بندر مڏئي (جيڪو ڪڇ جو شھر ۽ حاجين جي وڃڻ جي جاءِ آهي) تي لھڻ فرمايائون فقيرن عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪڏھن ڪرم فرمائي بندر تي هلو! جتان حاجي جهاز تي چڙهي حرمين شريفين جي زيارت لاءِ ويندا آهن! تہ انهن جو معائنو ڪريون؟ پاڻ ڪريم يارن جي سوال تي گھوڙي تي سوار ٿي جماعت سان اچي درياھ شور تي تشريف فرما ٿيا! پوءِ جڏھن سمنڊ جون چوليون ۽ لھرون ڏنائون، تڏھن آنحضرت ﷺ جن جي فراق کان هي بيت پڙهي روئي پيا:

اشتياقے کہ بديدار تو دارد دل من
دل من داند من دانم داند دل من

منھنجي دل جيڪو تنھنجي ديدار جو شوق رکي ٿي، ان جي خبر منھنجي دل ڄاڻي يا مان ڄاڻان، ۽ سنڌن مولود جا هي لفظ: "منھنجو عرض چؤ وڃي پيش پرين"! سنڌن زبان تي بي اختيار تڪرار سان جاري رهيا! ۽ اکين مبارکن مان فراق جا قطرا موتين وانگر پئي ڪريا! پوءِ فرمايائون عجيب شوق، صداقت ۽ يقين جا مالڪ آهن حاجي سڳورا جيڪي هي سمنڊ عبور ڪن ٿا، جتي پاڻي ۽ آسمان ڪانسواءِ ڪجھ ٻہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. پڻ فرمايائون هن کان اڳي سامونڊي سر مان ذوق ڪونہ ايندو هو.

مگر هاڻي، سمنڊ جي هولناڪي ڏسي سمنڊ ۾ سدائين سفر ڪندڙن جي بلند همتي ۽ عظيم فطرت جو يقين ٿيو، سمنڊ جي طوفانن مان دل ۾ عجيب ذوق ۽ ڪيفيت پيدا ٿي آهي.

نقل 11: هڪ ڏينھن هڪڙي درويش (جيڪو عباسي خاندان سان تعلق رکندو هو ۽ سندس وڏا پشت ٻہ

پشت بزرگ ۽ ولي ٿيندا آيا) کي کو ماڻهو خدا جو نالو وجهي پنهنجي ڪم سان وڃي ويو ٿي، سو هڪ رات هن فقير وٽ ڪڙيي ۾ رهيو ۽ رات جو پاڻ ۾ صحبت ڪئي سون ان درويش پچاڙيءَ ۾ سنڌيءَ جو هي بيت پڙهيو:

جان جان آهن جُوءِ ۾، تاکي ساڻن اور،
ڏهه ڏهه ڀيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٽائئن گهور،
ويا جي هنگلور، ڪرم ملندئي ڪاپري!

هن بيت ٻڌڻ شرط ئي مون تي درد ۽ شوق جو اهڙو غلبو ٿيو، جو صبح سان درگاه مبارڪ ڏانهن روانو ٿي، حضرت پير سائين جن جي قدم بوسيءَ کان مشرف ٿيس، جڏهن عشاء جي نماز پڙهي پاڻ ڪريم حويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرما ٿيا، تڏهن مون فقيرن کان پڇيو ته حضرت جن عشاء نماز کان پوءِ واپس مسجد ۾ ايندا آهن يا نه؟ فقيرن چيو ته نه. پوءِ مسجد شريف جي اترين طرف ۾ وڃي ويهي رهيس! ان وقت حاجي جعفر هڪ پئسي جا پڳڙا وڻي آيو، اڏ مون کي ڏنائين ۽ اڏ پاڻ رکيائين، پڳڙن کائڻ دوران حاجي جعفر لاڙ ۾ نئين اناج بابت پڇيو، مون ٻڌايو ته جوار جو فصل تيار ٿي ويو هو. سو آئون کائي آيو آهيان، باقي ساريون اجان تيار نه ٿيون آهن حاجي صاحب چيو ته مون کي حمزه فقير ٽالپر (جهان خال ٽالپر جي رهندڙ) سگداسي چانورن جي دعوت ڏني آهي! ايتري ۾ پاڻ سڳورا اتي تشريف فرما ٿيا. پر اسان کي سندن تشريف آوريءَ جي ڪابه خبر نه رهي ۽ پاڻ اسان جي پرسان ٻيهي آهستي فرمايائون، ته اي درويشؤ! رڳو دنيا جي ڳالهين ۾ مشغول آهيو ۽ الله تعاليٰ جي يادگيري نٿا ڪريو؟ ان وقت حاجي جعفر ۽ ٻيو هڪڙو فقير جيڪو اسان جي پرسان وينو هو تنهن کين چيو ته درويش! تون وعظ جي لاءِ نه آيو آهين ۽ نه وري اسان توکي وعظ لاءِ گهرايو آهي. جيڪڏهن الله تعاليٰ جو طالب آهين ته مسجد ڪشادي پيئي اٿئي، وڃي ڪنهن ڪنڊ ۾ مراقبو ڪري ويهه! ان وچ ۾ مون پڳل چٽا ڪٽي کين ڏنا مگر منهنجي نظر ٻئي طرف هئي، پاڻ ڪريمن اهي چٽا پنهنجي اڇي ڪٽي، جيڪا کين ڪلهن مبارڪن تي هئي، ان جي پلو ۾ ورتا ۽ واپرائڻ لڳا، جڏهن چٽن کائڻ جو آواز فقيرن جي ڪنن تي پيو، تڏهن ڪاوڙجي چيائون ته درويش! تو اسان کي ته وعظ ٿي ڪيو ۽ هاڻ وري پاڻ چٽن کائڻ ۾ مشغول ٿي چاٻا ڪرين ٿو! پاڻ ڪريمن فرمايو ته درويشو! مون چٽا سوال ڪري ڪونه ورتا آهن، هن درويش خودبخود مون کي ڏنا آهن! انهيءَ گفتگو ۾ فقيرن حضرت پير سائين

جن کي سڃاتو ۽ روئي پيرن مبارڪن تي ڪري پيا ۽ هڪڙو فقير ته وجد ۾ اچي ويو، پر آئون پنهنجي جاءِ تي وينو رهيس، ايتري ۾ پاڻ ڪريم خود مهرباني فرمائي آرام لاءِ منهنجي گوڏي تي مٿو مبارڪ رکي سمهي پيا، ۽ زبان مبارڪ سان فرمايائون، ته فلاڻا توکي هتان وئي ته ٿورو وقت ٿيو آهي، وري موٽي آئين؟ مون سڄو حال احوال عرض رکيو ۽ سنڌي بيت جيڪو درويش پڙهي ٻڌايو هو اهو به بيان ڪيم. پاڻ ٻڌڻ شرط اتي الله تعاليٰ جو نالو مبارڪ زبان تي آڻي پنهنجي پيرن واري جاءِ

تي ويهي رهيا.

نقل 12: حضرت پير سائين جن نقل ارشاد فرمايو تہ مخدوم لعل شهباز هڪ اهڙي ولي ۽ کي ڏٺو جيڪو حقيقي ذات جي محبت ۽ عشق ۾ بي انتها هو! ۽ الله تعاليٰ جي نالي ٻڌڻ سان سڙي ڪلهار ٿي ويو هو! جيئن آيت شريف: "اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ" (سورة الانفال: آيت٢) جي تفسير ۾ تفسير حسيني واري لکيو آهي تہ اهي ٻانها جڏهن الله تعاليٰ جو نالو وٺن ورتو وڃي تہ انوار ۽ تجلين جي هيبت کان ڏڃي وڃن! ۽ الله جي جلال ۽ عظمت کان پروانن وانگر پنهنجي هستي ساڙي ويهن ۽ سندن نظر خدا جي غير کان بند ٿيل هجي ٿي:

ديده از غير تماشائے تو بر دوخته باد
ز آتش عشق تو جان و دل ما سوخته باد

(يعني منهنجي اک غير جي ديدار کان خدا ڪري سبيل هجي، تنهنجي عشق جي باھ اسان جي دل ۽ ساھ کي ساڙيندڙ هجي شال)

مخدوم لعل شهباز اهڙي ولي ڪامل جي ڳولا ڪرڻ لڳو گهٽي مدت کان بعد "آخر جوينده يا بنده است (يعني نيٺ ڳوليندڙ لهندڙ آهي) هڪ عشق جي سڙيل ۽ محبت جي ماريل بزرگ سان ملاقات ٿيس ۽ ان جي صحبت ۾ ويهي رهيو! جڏهن نماز جو وقت ٿيو، تڏهن لعل شهباز ان بزرگ کي چيو تہ نماز جو وقت ٿي ويو آهي اٿو تہ نماز ادا ڪريون، بزرگ چيو تہ نماز ڇا آهي؟ مخدوم لعل شهباز وراڻيو تہ نماز عبادت آهي، پوءِ بزرگ کي وضو ڪرائي پاڻ امام ٿيو ۽ هن کي مقتدي ڪري بيهاريائين، جڏهن لعل شهباز نماز جي تڪبير چيائين الله اڪبر بزرگ عشق جو سڙيل الله جي اسم ٻڌڻ شرط محبوب حقيقي جي محبت ۾ سڙي خاڪ ٿي ويو! مخدوم شهباز جڏهن نماز کان فارغ ٿيو. تڏهن ڏٺائين تہ بزرگ عشق کان سڙي ڪلهار ٿي ويو آهي، ڏسي پريشان ٿيو! پوءِ ان خاڪ کي پنهنجي ساري بدن تي مليائين ۽ ان خاڪ ملڻ ڪري اهڙو اثر ٿيس جو جڏهن الله تعاليٰ جو نالو مبارڪ ٻڌندو هو تہ ان وقت سندس هر هر وار جي پاڙ مان رت نڪري ايندو هو! ان ڪري حضرت مخدوم جا مريد پنهنجي جسم تي ڪلهار ملينداآهن پر هن خاڪ ۽ هن ڪلهار ۾ وڏو فرق آهي، ڇو تہ مخدوم لعل شهباز عشق جي سڙيل جي خاڪ مکي هئي، جنهن ڪري سندس وارن مان رت نڪرندو هو. هي جيڪو متابعت ڪري ڪلهار مکن ٿا، اهو تہ مينهن ۽ جانورن جو ڇيٽو مکين ٿا حافظ شيرازي رحمۃ اللہ علیہ کهڙو نہ سنو چيو آهي:

هزار نكتهٔ باريک تراز موئے اينجا است
نہ ہر کہ سر بتر اشد قلندری داند

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

(يعني هتي وار کان بہ سنهڙا هزار نڪتا آهن، جن کي هر مٽي ڪوڙائيندڙ قلندر نٽو ڇاڻي سگهي.)

نقل 13: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ ولي ڪامل اهو آهي، جنهن جي حضور ۾ جڏهن مردن ۽ عورتن جي جماعت موجود هجي تہ نہ مردن کي عورتن جي خبر رهي نہ عورتن کي مردن جي خبر پوي! سيئي الله تعاليٰ ڏانهن رجوع ڪندڙ هجن!

اي عزيز! هي ڪمال سندن ذات مبارڪ ۾ هو، جو زالون ۽ مڙس حضور ۾ حاضر هوندا هئا ۽ مگر هڪ ٻئي جي حال کان بي خبر هوندا هئا، ٻنهي جماعتن کي پاڻ ڪريمن جي حسن باڪمال تي نظر هوندي هئي.

نقل 14: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن فرمايو تہ جنهن کي اهر جي داڻي جيترو ايمان (جنهن مان مراد محبت آهي) دل ۾ هوندو ان کي دوزخ ۾ نہ وجهندا.

اي عزيز! پير سائين جن جي هن مقولہ کي آسان نہ سمجهہ هن ۾ هڪ نڪتو آهي جو ايمان کي اهر جي داڻي سان تشبيهہ فرمائي اٿن. هي حضور ﷺ جي امت لاءِ آساني آهي، ورنہ اهو انسان جي دل ۾ وار کان بہ سنهڙو هڪ لاڙو ٿيندو آهي، جيڪڏهن حق ڏانهن ٿيو تہ سڄو وجود ان طرف متوجهہ ٿي پوندو، ۽ اهوئي ايمان آهي، مولوي فرمائي ٿو:

هر کسی را بہر کارے ساختند
میل او را درد لش اندا ختند

(هر هڪ کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم سان لڳايو اٿن ۽ ان جي دل ۾ لاڙو انهيءَ ڪم جو وڌو اٿن) ورنہ جنهن طرف خيال متوجہ آهي ان جو اهوئي معبود آهي، حديث شريف: "مَنْ شَغَلَكَ فَهُوَ صَنَمُكَ" يعني جيڪا تنهنجي مشغولي آهي اها ئي تنهنجو معبود آهي.

نقل 15: ابتدا ۾ شوق جي جوش کان چوندو هيس تہ مان حضرت مرشد ڪريم جو پٽ آهيان ۽ پيا عزيز چوندا هئا تہ تون پاڻ کي گاريون ڏئين ٿو! جڏهن درگاهہ مبارڪ تي زيارت کان مشرف ٿيس، تڏهن حضور ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! پهريون پيءُ پلو يا پويون؟ پاڻ فرمايائون تہ پهرين پيءُ مان آنو پيدا ٿيندو آهي ۽ پوئين پيءُ (آني) مان ٻچو پيدا ٿيندو. آنو ڪڏهن بادي ۽ ڪڏهن گندو ٿي ويندو آهي ۽ ان مان ٻچو نہ نڪرندو آهي پيءُ اهو پلو جنهن مان ٻچو پيدا ٿئي جنهن پيءُ مان آنو پيدا ٿئي پر ان مان ٻچو پيدا نہ ٿئي اهو پيءُ نہ آهي. اي عزيز! ولادت بہ قسم آهي، هڪ صُوري پي معنوي، جيڪو ٻئي دفعي پيدا نہ ٿيو اهو حيوان آهي انسان نہ آهي چوندڙ ڪهڙو نہ سنو چيو آهي:

سالہادر پائے پیران سجدہ میکردم ولے

عاقبت در چشم خود انسان کامل یا فتم

(ڪيئي سال پيرن جي پيرن ۾ جهڪندو رهيس پر آخر پنهنجي اکين ۾ ڪامل انسان لڌم!)

نقل 16: هيڪر پاڻ ڪريمن هن فقير کي فرمايو تہ: توکي الله تعاليٰ جل شانہ وجد مان (جنهن جي ڪري تڪبر ٿيندو آهي ۽ تڪبر جي ڪري خلق کي تڪليف ٿيندي آهي ۽ خدا جي خلق کي تڪليف ڏيڻ ۽ خدا جي خلق کي ڏکوئڻ بي ادبي آهي بي ادبي بي نصيبي جو سبب آهي) ڪمال عاجزي رابطي ۽ محبت جي ڪري سگهوئي گمراهي جي ڪُن کان سلامت آندو!

نقل 17: ميڏنو فقير پليجو نقل ڪري ٿو تہ هڪڙي ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ هڪ فقير عشق ۽ محبت جو سڙيل، بيقرار ۽ پريشان ٿي دانهون ڪندي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! جيڪا منهنجي اندر ۾ باهہ ٻري ٿي ان مون وٽ ڪجهہ نہ ڇڏيو آهي ۽ بي اختياري سبب هن کان وڌيڪ ڪابہ طاقت نہ آهي ۽ بس هاڻ جٽيون پائي ٻانڊيڻ جي دڪان تي ويهي ٿو رهان! پاڻ ڪريمن مرڪي هڏ سان صبر جو اشارو فرمائي هڪ نقل بيان فرمايائون تہ هڪ عورت چٽا ۽ پاڻي ديڳڙي ۾ وجهي هينان باهہ ڏنائين ۽ جڏهن چٽا باهہ جي تيزيءَ کان پاڻي سان گڏ ٽپڻ لڳا تڏهن انهيءَ عورت چمچي سان انهن جي ڪچي ۽ پڪي جي خبر لهي چيو تہ توهان ۾ اڃان ڪچائي باقي آهي گهڙي ساعت صبر ڪيو ۽ باهہ جي تپش کان ٺيڪ ٿيو، پوءِ توهان کي پنهنجي جان ۾ جاءِ ڏيندس!

نقل 18: خليفو سيد نالي منو ڪوڏ جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن سان گڏ هيس ۽ گهٽائي جي ڪري گهوڙا پاڻ ۾ ڳنڍجي پيا اوچتو هڪ فقير جي گهوڙيءَ پاڻ ڪريمن جي گهوڙي کي متو لڳايو! فقير پنهنجي گهوڙي کي لغام هٽي پوئتي ڪيو پاڻ ان کي فرمايائون تہ گهوڙيءَ کي واڳ نہ هڻ جيئن توهان محبت ۽ وجد جي غلبي کان مون تي ڪرندا آهيو تيئن محبت جي غلبي کان تنهنجي گهوڙي منهنجي گهوڙي کي متو هٽي ٿي!

نقل 19: هيڪر پاڻ ذاتي ۽ صفاتي ۽ افعالي محبت جي بيان ۾ ارشاد فرمايائون تہ هڪڙي شخص کي ڪنهن بزرگ سان سندس فعلن جهڙوڪ عبادت، زهد ۽ سهٽين عادتن سبب محبت ٿي اتفاق سان بزرگ کان ڪو اهڙو فعل ظاهر ٿيو جنهن جي ڪري انهيءَ ماڻهوءَ جي ساڻن محبت ختم ٿي ويئي! ۽ پي هڪڙي ماڻهوءَ کي صفاتي محبت هڪ گهوڙي جي سڻي رفتار تي ٿي پيئي اتفاقًا اهو گهوڙو منڊو ٿي پيو، جنهن ڪري ان جي محبت بہ ختم ٿي ويئي، ۽ هڪ ٽين شخص جي ذاتي محبت پنهنجي سهٽي پٽ تي ٿي پيئي جنهن کي تمام پيارو رکندو هو اوچتوقضاءِ الاهي سان ان کي ماتا نڪري پئي جنهن ڪري اهو ڇوڪرو نابين ۽ منڊو ٿي پيو ۽ سهٽو منهن ماتا جي داڻن سان داغدار ٿي ويس پر پيءُ جي محبت زائل نہ ٿي جيئن هئي تيئن باقي رهي! اي عزيز! معلوم ٿيو تہ محبت افعالي ۽ صفاتي ضد سان بدلجي ويندي آهي ۽ ذاتي محبت ۾ ڪڏهن بہ تغير ۽ تبديلي ڪونہ آهي!

نقل 20: حاجي عبدالله نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي محفل مبارڪ ۾ ڪين عرض ڪيم ته حضرتا! جتي به اوهان ڪريمن جي مريدن سان ملاقات ٿيندي آهي ان وقت پنهنجي دل ۾ سمجهندا آهيون ته اسان جي ڪا پراٽي واقفيت آهي! پاڻ سڳورن ارشاد فرمايو ته سڀئي مريدن جا روح پير ڪامل جي مُٺ ۾ هوندا آهن ان ڪري اهي اڳئي واقف آهن! هتي مولانا رومي رحمۃ اللہ علیہ مثنوي معنوي ۾ ڪهڙو نه سنو چيو آهي:

متحد جانهائے شيران خُدا
جان گرگان و سگان هريکجدا

(يعني خدا جي شينهن جي جان هڪ آهي، بگهڙن ۽ ڪتن جي جان جدا جدا هوندي آهي)

اي عزيز! انهن جي محبت نه افعالي آهي نه صفاتي بلڪ محبت ذاتي آهي جيڪا عالم ارواح ۾ رکي اٿن پير جي مُٺ محيط آهي جنهن ۾ سيني مريدن جا روح موجود آهن، جيئن ته ميثاق واري ڏينهن سيني ولين سڳورن روحن ۾ هٿ وڌايو ۽ هر هڪ پنهنجي هٿ جي ڪشادگي مطابق مٺ ۾ري آندي! انهن مان بعضي محمدي المشرب (محمدي طريقي وارا) آهن جيڪي قدم بقدم نبي پاڪ صلی اللہ علیہ وسلم جن جي متابعت ۾ مضبوط آهن ۽ آيت شريف "يَدُاللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ" مان گهٽو حصو رکن ٿا، هتي پاڻ ڪريمن ان طرف اشارو فرمايو آهي!

نقل 21: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ٽنڊي بهادر خان نظاماڻي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا اتي خدا بخش نظاماڻي جو ننڍڙو پٽ فضل نظاماڻي اچي پاڻ ڪريمن جي گوڏن مبارڪن تي ويهي رهيو پيءُ ان کي منع ڪئي ۽ چيائين ته ادب ڪر! سائين ڪريمن فرمايو ته عشق ۾ ڪوبه ادب نه آهي.

نقل 22: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو ته هڪڙي صحابياڻيءَ جي بيبي خديجة الڪبريٰ رضی اللہ عنہا سان ڏاڍي محبت هئي بيبي خديجة الڪبريٰ جي وصال شريف کان پوءِ اها صحابياڻي ڪڏهن ڪڏهن حضور ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيندي هئي! حضور ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن پنهنجي ڪلهن واري چادر ان صحابياڻي لاءِ وڇائيندا هئا ۽ جيستائين اها صحابياڻي اتي ويني هوندي هئي تيستائين ان سان ئي گالهيون ڪندا رهندا هئا. سندس اڇ ۽ وڇ وقت دلجوئي لاءِ اٿي بيهندا هئا، ان ڪري حضرت عائشه صديقه فرمائيندي هئي ته جيتري ريس مون کي هن عورت جي ڪري اچي ٿي ايتري سندن ٻين گهر وارين جي ڪري نه ٿي اچي، ڇو ته ان جي عزت حضرت خديجة الڪبريٰ جي ڪري آهي!

نقل 23: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته حضرت نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پهرين شادي حضرت بيبي خديجة الكبريٰ سان ٿي. حضرت بيبي صاحبہ شادي واري رات حضور جن جي قرب محبت ۽ خوشيءَ کان پنهنجو سڄو مال ۽ ملکيت مٿانئن قربان ڪري ۽ گهوري ڇڏيو هو! پاڻ جڏهن بيبي صاحبہ جي حويلي ۾ آيا تڏهن کين ان گهر ۾ رهڻ دل تي بار ٿي پيو ۽ بيبي صاحبہ کي فرمايائون تہ هت رهڻ مون کي ڏکيو لڳي ٿو. بيبي صاحبہ عرض ڪيو تہ حضرتا! هي گهر ۽ هي بسترو توهان جي قدمن مبارڪن تان قربان! جيڪا توهان جي مرضي آئون ان تي راضي آهيان. پوءِ حضور ﷺ جن پنهنجي اصلي گهر ۾ اچي زمين تي بغير بستري جي سمهي پيا! حضرت بيبي صاحبہ فرمائي ٿي تہ ان رات جيڪا فرحت ۽ خوشي ان جاءِ ۾ حاصل ٿي. اها اهڙي هئي جو بي سڄي عمر انهيءَ جي بنسبت خواب ۽ خيال جي برابر هئي!

نقل 24: فيروز فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ مون کي حال (ڪيفيت جو القاءُ) معلوم ٿيو ۽ ارادو ڪيم تہ حضرت پير سائين جن کي عرض ڪيان پر ٻہ مهينا گذري ويا. عرض ڪري نہ سگهيس! هڪ دفعي پاڻ ڪريم روهڙيءَ کان موت تي جڏهن پنڊن وٽان لنگهيا. تڏهن مون کي حڪم ڪيائون تہ فيروز! تون پنهنجي گهوڙي اسان جي گهوڙي جي ويجهو ڪر تہ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪريون! ويجهو ٿيس تہ سائين ڪريم جن منهنجي ڪلهي تي هٿ مبارڪ رکيو. گفتگو جي دوران مون عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کي حالت نصيب ٿي آهي خيال ٿي ڪيم تہ حقيقت عرض رکان. پر ٻہ مهينا گذري ويا عرض ڪري نہ سگهيس! ان جو سبب ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ ڪمال دوستي. ڇو تہ دوستيءَ ۾ هڪ هيبت پيدا ٿئي ٿي اها خوف ۽ خطري کان نہ هوندي آهي. بلڪ عاشق گهرندو آهي. تہ هميشہ محبوب جي حضور ۽ قرب ۾ رهان پر ڳالهائڻ جي طاقت نہ رهندي اٿس. ان وقت هي رباعي ارشاد فرمايائون:

همیخواہم کہ راز دل بتو گویم ولی جائے غی بینم،
اگر جائے کنم پیدا ترا تنہا غی بینم

(آئون گهران ٿو تہ توکي دل جو راز عرض ڪريان. پر اهڙي جاءِ نٿو ڏسان جيڪڏهن جاءِ لهان ٿو تہ توکي اڪيلو نٿو ڏسان!)

اگر تنہا ترایابم و جائے ہم شود پیدا
زشادی دست وپا ہم می زنم خود راغی بینم

(جيڪڏهن توکي اڪيلو بہ لهان ۽ جاءِ بہ موزون هجي تہ پوءِ وري خوشيءَ کان نچان ٿو ۽ پاڻ کي بہ موجود نٿو ڏسان.)

نقل 25: حضرت پير سائين جن جڏهن طالب کي طلب جي شوق سبب دردناڪ ۽ پريشان ڏسندا هئا

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تڏهن هيءُ بيت ارشاد فرمائيندا هئا:

جوڳين جاڳي جُوءِ سامين ساجهو ڇڏيو،
تِنكي لُنگَ لانگوٽا لكمير ڇوي ڪونهين قبيلو،
جن جو هي هٿ حيلو سي گُروءَ گڏ آيا ڪاپڙي.

نقل 26: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن سيد قابل شاه ﷺ هن غلام کي چيو ته "وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ" (سورة الكهف: آيت ٢٤) (يعني پنهنجي رب کي ياد ڪر جڏهن تون نه هجين) هن آيت ۾ فڪر ڪيم ته وجود جي نفي ۽ نسيان حاصل نڪي ٿيو، هڪ دفعي درگاه مبارڪ تي مسجد شريف ۾ فڪر ۽ مراقبي ۾ وينو هيس اوچتو پاڻ سڳورا مسجد شريف ۾ آيا سيئي فقير سندن استقبال لاءِ اٿي بينا ۽ مان فڪر ۾ بي خبري سبب نه اٿيس، پوءِ اولهه، اوپر جي سج، حضرت پير سائين جن منهنجي پرسان ويهي پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي پاسي ۾ هنيائون غلام درد ۽ الم ۾ مستغرق هو سو روئي سندن گوڏي مبارڪ تي مٿو رکيم! ۽ پاڻ شفقت ۽ مهرباني سان پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي سيني تي رکي الله تعاليٰ جو شڪر بجا آندائون ۽ فرمايائون ته طالب کي اهڙي طرح فڪر ۾ هجڻ گهرجي ۽ فرمايائون ته دلجاء ڪر هي حال هاڻي آڏو آهي سو ان شاءالله ستت حاصل ٿيندو تون باغيچي ۾ اچي اسان سان صحبت ڪندو ڪر؟ ان کان بعد سائين ڪريم گهٽي مهرباني ۽ توجهه سان سرفراز فرمايو، اهڙي طرح منزل مقصود هٿ آيم!

(اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى ذَالِكَ)

فصل ٽيون
بيخودي ۽ استغراق

نقل 1: حضرت پير سائين جن ريگستاني علائقہ کاروره ۾، خليفي محمد شفيع جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، انهن ڏينهن ۾ هن ٻانهي کي ۽ سيد جمال شاهہ کي توحيد جي حالت ۽ سڪر جو غلبو هيو! زبان تي بي اختيار شريعت جي خلاف ڳالهيون صادر ٿي ويندیون هيون، ان ڪري قابل شاهہ جماعت کي اسان جي صحبت کان منع ڪئي ۽ اسان جماعت کان پري هڪ پٽ وٽ سمهي پياسون! اتي حاجي نٰاري اچي چيو تہ اڄ رات جماعت ۾ اهڙو گوڙ اچي پيو آهي، جٽڪ عاشورن جي آخري رات آهي ۽ هڪڙي عورت حالت ۽ وجد ۾ چوي پيئي تہ: ٻارهن سال عشق جي درد کي لکايو سون مگر جماعت ۾ ڪو مرد نظرنٿو اچي. تنهن ڪري هي زالاٽان ڪپڑا مردن کي ڏکايو ۽ مردن جا ڪپڑا مون کي ڏيو؟ هن ڳالهہ ٻڌڻ شرط طبيعت بدلجي وئي ۽ حاجي نٰاري کي چيم اها مستاني تہ عجيب ڳالهيون ڪري پئي! مون کي وڻي هل تہ آئون کيس ڏسان، پوءِ حاجي نٰاري سان گڏجي سندن اقامت گاهہ جي طرف روانا ٿياسون، جڏهن ويجها اچي پهتاسون تڏهن مذڪوره مقولہ ٻڌڻ شرط بي خبر ٿي ويس ۽ اگهاڙي حالت ۾ ڏڪندي سائين ڪريم جي ڪٽ جي پرسان اچي بينس ۽ اگهاڙي هجڻ جي ڪري ان وقت سڀ عورتون پڳيون ۽ اها عورت بہ پڳي. پاڻ سڳورن پهريائين سمجهيائون تہ محمد وارث مستانو آهي! جڏهن سجاتائون تڏهن فقيرن کي منهنجي ڏکڻ جو حڪم فرمايائون ۽ فقير مون کي چادر سان ڏکڻ تي ۽ مان پري ڪرڻ تي ايتري قدر جو چادر جو ڪجهہ ٽڪرو ڦاٽي پيو، ان وچ ۾ غيب کان القاءَ ٿيو، تہ هي لباس محمدي آهي (ﷺ) تڏهن اها چادر ڏکيم. پوءِ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن اها ڳالهہ خليفي محمد حسين ڏڏر واري سان بيان فرمايائون! پاڻ ڪريمن کي خليفي چيو اهو ڪم آسان آهي پاڻ فرمايائون تہ توکان نہ ٿيندو، خليفي چيو تہ ٿيندو! پوءِ پاڻ ان کي حڪم فرمايائون تہ ڪر؟ خليفو چادر جا ٻئي پلو کولي هٿن ۾ جهلي بينو پر اگهاڙي ٿيڻ جي طاقت نہ ٿيس ۽ چيائين تہ اگهاڙو ڪيئن ٿيان تڏهن پاڻ فرمايائون تہ بس ڪر تنهنجي سچائي جي حالت معلوم ٿي! ان کان بعد مون اتي عرض ڪيو تہ حضرتا! مان اگهاڙو ٿيان ٿو پوءِ پاڻ مرکي فرمايائون تہ توکي نٿو چوان!

نقل 2: خليفو غازي خان راقم الحروف جي سُڪر ۽ بيهوشي جي حالت جي ڳالهہ ڪري ٿو (جيڪا مون کي ياد نہ آهي) تہ مون جوش ۾ اچي حضرت پير سائين جن کي تڪرار سان عرض ڪيو تہ حضرتا!

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

طالبن ۾ غيرن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪريو؟ مگر پاڻ ڪريم ماڻ ۾ رهيا ۽ مون سڃو ڏينهن اها ڳالهه چئي پئي! ايستائين جو خليفي صدوري، خليفي آدم خان ۾ ميان عاقل شاهه کي به چيم ته توهان ٽيئي گڏجي پير سائين جن کي چئو ته طالبن کي غيرن کان جدا ڪن، ورنه آئون پڃي ويندس! تڏهن مرشد ڪريم جن ظهر کان بعد هي نقل ارشاد فرمايو ته هڪ شخص قرآن شريف جي تلاوت گهٽي ڪندو هو، ان ڪري مجذوبي جي حالت پيدا ٿي پيس، جنهن کان در در رلندو رهندو هو ۽ قرآن شريف پڙهڻ جي عادت ڪري ڇڏيائين، پر ڪنهن کان ڪا شيءِ نه گهرندو هو. اتفاقًا هڪ عورت کي ڏٺائين جيڪا پنهنجي پٽ کي پينگهي ۾ لوڏي رهي هئي ۽ ان کي مخاطب ٿي چئي رهي هئي ته تنهنجو پينگهو لوڏيان يا جيڪو درويش قرآن شريف غلط پڙهي ٿو، ان کان پڇان ته غلط ڇو ٿو پڙهين انهيءَ درويش قاري ڇيو ته هن غلط پڙهڻ ئي ته مون کي رات ڏينهن در در رلايو آهي! توکي آفرين هجي جو صحيح پڙهين ٿي ۽ گهر ۾ وينو پٽ جو پينگهو لوڏين ٿي. اها گفتگو فقير جي جيڪا سڪر جي حالت جي هئي، جو مون پاڻ ڪريمن کي عرض ڪيم پي ته طالبن ۽ غيرن کي جدا ڪريو، ان مان ايترو ياد اٿم ته پاڻ هي به فرمايائون پي ته حضور ﷺ جن باوجود آيتن لهڻ جي مؤمنن ۽ منافقن ۾ جدائي نه وڌي ۽ ڪنهن کي روبرو منافق نه چيائون ۽ باوجود ان جي جو حضور ﷺ جن کي هر هڪ جي ايمان ۽ نفاق جو ڪلّي علم به هو!

نقل 3: هڪ ڏينهن پير سائين جن حضرت ميان صاحب جن کان نقل ارشاد فرمايائون ته هڪ دفعي علي اصغر خان پناڻ پنهنجن فقيرن ۽ حضرت مخدوم سائين سان گڏ درياهه جي هُن طرف کان لنگهي هِن طرف اچي رهيا هئا! وچ درياهه ۾ علي اصغر خان کي حال پئجي ويو ۽ سندس مريد روئڻ لڳا! ان وقت حضرت مخدوم سائين جن جي مريدن هُنن جي روئڻ جو سبب پڇيو؟ جواب ۾ ظاهر ڪيائون ته علي اصغر خان کي جڏهن به حال پوندو آهي تڏهن درياهه ۾ ڪري پوندو آهي ۽ به ٿي ڏينهن غائب ٿي ويندو آهي هينئر به شايد اها حالت نه پيدا ٿي هجي؟ پوءِ مخدوم سائين فرمايو هاڻ درياهه ۾ ڪرڻ کان چوٽڪارو لڏو اٿس دريا ۾ ڪڏهن به نه ڪرندو!

نقل 4: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته اڳين نبين سڳورن جي زماني ۾ شراب حرام نه هو! ان جو سبب هي هو جو سندن امت ۾ سُڪر معنوي ٿورو هو. ۽ جڏهن ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي امت سڳوريءَ ۾ سُڪر معنوي تمام گهڻو آهي ان ڪري ظاهري سُڪر (شراب) کي حرام ڪيو ويو آهي جيئن قرآن شريف، ۽ حديث شريف، جي نص مان ثابت آهي.

نقل 5: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جيسلمير جي قلعي ڏانهن تشريف فرما ٿيا هئا ۽ فقير به سندن خدمت ۾ گڏ هو، جڏهن جيسلمير ۾ پهتاسون ته اهي مينهن جا ڏينهن هئا پاڻ اتي گڏي سر جي هڪ حرم سراءِ ۾ منزل ڪيائون ٿوري دير کان پوءِ سائين ڪريم جن جي پير واري حرم سراءِ ۾ ڳائيندڙ

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سازن سان ڳائڻ شروع ڪيو. جيڪو ذوق بخشيندڙ هو ۽ پي طرف راجا بير يسال جي سراءِ ۾ جيڪو جيسلمير جي قلع جو حاڪم هو. رقص راڳ ۽ سازو سرود برپا ڪيو ويو ۽ ٽين سراءِ ۾ جيڪا راجا جي ڪمدار جي پائڻي جي هئي ان ۾ به ساڳي طرح تماشو برپا هو! جيئن ته ڀڏندڙن ۾ جوش و خروش پيدا ٿيو. تنهن ڪري حضرت پير سائين جن به حافظ ديوان جي نسخو ڪڍي پڙهيائون درويش ان جو هوش ربا بيان ٻڌي وجد ۽ حالت ۾ پئجي ويا. ۽ سڀ بيهوش ۽ بي خبر ٿي ويا. ڪنهن کي به شهر گهمڻ جو خيال پيدا نه ٿيو! اهڙي طرح پاڻ ڪريمن جو حضور ۾ شوق ۽ ذوق ۾ ئي مستغرق رهيا! فقير کي انهن ڏينهن ۾ تيئڙتپ ايندو هو جنهن کي ڏهه يارنهن مهينا ٿي چڪا هئا. جنهن ڪري ضعيف تمام گهٽو ٿي ويو هوس پر سندن زبان مبارڪ مان ديوان حافظ جا بيت ٻڌڻ شرط اهڙو حال پئجي ويو جو پورا (۹) نو ڏينهن هوش سلامت نه رهيو ۽ نه ئي تپ جي خبر پئي! هيڪر ڏينهن جو ٿورو ياد پيو ته مون کي تيئڙتپ ايندو آهي ان ڏينهن يادگيري ڪرڻ ڪري ڪجهه لنگ گرم ٿي پيا پر پوءِ سندن برڪت ۽ غلبي سُکر جي ڪري تپ بلڪل وسري (ختم ٿي) ويو!

نقل 6: علي خال ٽالپر نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ مير جام ٽالپر عرض ڪيو ته حضرتا! سيد شاهه محمد پاڻ کي امام چورائي ٿو سو ڪيئن آهي؟ پاڻ ڪريمن جواب ۾ فرمايو ته جيڪڏهن پاڻيءَ جي پريل ٽانوَ ۾ سج جو پاڇو پوي ته ان ۾ به سج نظر ايندو پر سج پنهنجي جاءِ تي آهي ائين ئي امام پنهنجي جاءِ تي قائم آهي ۽ هي امام جي عڪس کان پاڻ کي امام چورائي ٿو. حقيقت ۾ جيڪو امام ايندو اهو پاڻ کي امام نه چورائيندو بلڪ ٻيا ڪيس امام جي لقب سان سڏيندا!

نقل 7: موسيٰ فقير نظاماڻي چوي ٿو ته هڪ دفعي اسان جي گهر جا سمورا ماڻهو درگاهه مبارڪ تي هئا ۽ منهنجي ماءُ ساڻن شامل هئي، سا چوي ٿي جڏهن حضرت مرشد ڪريم جن جي حضور ۾ ويهندي هيس تڏهن مون کي ننڍ اچي ويندي هئي آخر پاڻ کي عرض ڪيم ته حضور ۾ احوال عرض ڪريو ته هي منهنجو ڪهڙو نصيب آهي جو گهر هيس تڏهن به غفلت جي ننڍ سوار هئي. جي هت امت جي جاءِ تي آئي آهيان ته به ننڍ ونڊي ٿي وڃي؟ پاڻ منهنجو عرض خدمت اقدس ۾ پيش ڪيو! پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته هي امن جي جاءِ آهي هتي جيڪڏهن ننڍ اچي ٿي ته اها غفلت جي نه آهي بلڪ سراسر راحت آهي ڇو ته بهشت ۾ راحت ۽ امن هوندو آهي هيءَ جاءِ به جنت وانگر آهي!

نقل 8: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي منگريو بلند همت وارو هو. پر ڪمال کي نه پهتو. ڇو ته امانت جي بار کڻڻ جي طاقت نه رکيائين ۽ خوامخواهه پاڻ کي بتڪده جي پيڃڻ جي بهاني سان هن جهان جي قيد کان آزاد ڪيائين ۽ ٻين کي فيض پهچائڻ جي جيڪا نعمت عظميٰ وٽس هئي سا هن کان ظاهر نه ٿي! هي محض مُلن کي هٿ ڦيرائي هليو ويو. ماڻهو

چوندا آهن تہ ميان عبدالرحيم ڪافرن جي بتڪده جي خلاف جهاد ۾ پاڻ کي شهيد ڪيو، پر حقيقت آهي تہ محض امانت جي بار جي پاڻ ۾ طاقت نہ ڏسي بزرگ ائين ڪيو. جيڪڏهن سلامت حال هجي ها تہ تمام گهڻو فيض مخلوقات کي پهچائي ها! اي عزيز! مخدوم موصوف کان گهڻا مريد ذڪر ۾ مشغول ٿيا پر سلامتي کي ٿورا پهتا.

نقل 9: هڪ ڏينهن ٻانهو (جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ ديهہ ڪڙڪ (جيڪا قلات ڪوهستان جي ديهن مان هڪ ديهہ آهي) ۾ وينو هو ۽ پاڻ ڪريم سکر جي غلبي ۽ استغراق کان مون ڏانهن ڏسي رهيا هئا ۽ ٻئي طرف غازي خان ٽالپر وينو هيو. پاڻ ان کان پڇيائونس تہ فلاڻو (يعني هي ٻانهو) نہ آيو آهي؟ وري بي پيري پڇيائونس، پر غازي خان غلبي شوق ۽ روئڻ سبب جواب نہ ٿي ڏنو! ٽين پيري وري پڇيائونس غازي خان عرض ڪيو تہ حضرتا! روبرو حضور ۾ وينو آهي. پوءِ ٻانهي ڏانهن نهاري فرمايائون تہ وڏي تڪليف سان آيو آهين؟ پوءِ ٻاجهہ ۽ شفقت جو اظهار گهڻو فرمايائون!

نقل 10: هڪ ڏينهن درگاهہ مبارڪ تي خدمت ۾ حاضر هوس ٻيڇهري نماز کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ پنهنجو گهوڙو تيار ڪري اسان سان گڏجي هل جو مسماة وڏيري فقيرياڻي (جيڪا شڪارپور کان لڏي اچي ٻندي ۾ رهي آهي سا) بيمار آهي، ان کان طبع پرسي ڪري اچون؟ حضرت مرشد ڪريم جن جو گهوڙو خان محمد فقير ٽالپر ۽ ٻانهي جو گهوڙو خميسو فقير ميمڻ کورواهہ جو رهندڙ تيار ڪري آيو ۽ ٻنهي گهوڙا مسجد شريف جي دروازي تي اچي بيهاريا، پاڻ مسجد شريف جي اتر پاسي واري دروازي کان اچي ٻانهي جي گهوڙي جي رڪيب ۾ پير مبارڪ وجهي سوار ٿيڻ لڳا، تہ خميسي فقير هٿ ڍگهو ڪري کين سوار ڪرڻ لاءِ سندن هٿ مبارڪ ۾ هٿ ڏنو ۽ ٿورو مرڪيو ۽ پاڻ ۽ ان ڏانهن ڏسي مرڪيا ۽ رڪيب مان پير مبارڪ ٻاهر ڪڍي پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿيا ۽ ان ديهہ ڏانهن روانا ٿيا! ٽيڇهري نماز وقت اتي پهچي بيمار فقيرياڻي کان پڇي ٽيڇهري جي نماز سيد موجل شاهہ جي مسجد شريف ۾ اچي ادا فرمايائون. پوءِ جڏهن مسجد شريف مان ٻاهر نڪتا، تڏهن پاڻ ٻانهي جي گهوڙي جي واڳ کان وڻي پير مبارڪ رڪيب ۾ وڌائون ۽ خميسي فقير جو هٿ وڻي سوار ٿيڻ لڳا تہ فقير مذڪور وري مرڪي. پوءِ پاڻ ڪريم فقير کي مرڪندو ڏسي سمجهي ويا ۽ پاڻ ۽ مشڪندي ٻانهي جي گهوڙي بجاءِ وري پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿيا!

نقل 11: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جي لاڙ جي سفر تي ديهہ ترائي ۾ ڏاتو فقير ابڙي جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا ۽ آئون حضور ۾ حاضر وينو هوس اشراق جو وقت هو پاڻ ڪريمن کي زڪام جي ڪري نڪ مبارڪ مان پاڻي آيو ٿي، پاڻ ڳاڙهي رنگ جي لنگي سان (جيڪا سندن ڪلهن مبارڪن تي هئي) نڪ صاف فرمايائون ٿي، تڏهن ٻانهي پنهنجو هڪ ڪارو ڪپڙو نڪ صاف ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو، پوءِ پاڻ ان سان نڪ صاف ڪندا رهيا، ۽ فقير جي

عرض موجب سندن گهرن ۾ زيارت ڪرائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ ڪمال استغراق جي ڪري سندن لنگي مبارڪ کڻ تي ئي رهجي وئي ۽ مون واروڪپڑو ڪلهن مبارڪن تي رکيو گهر ۾ ماڻهن کي زيارت پي ڪرايائون ۽ آئون بہ اُت موجود هيس ۽ طعام کائڻ وقت پڻ سندن روبرو وينو هيس! بن پهرن جو جڏهن آرام فرمايائون تہ هڪ فقير کين زور ڏنا پئي ۽ پاڻ ساڻس ڳالهيون فرمايائون پئي! پوءِ ان وقت پنهنجي منهن مبارڪ تي مون وارو ڪپڑو وجهي مون ڏانهن نهاري ارشاد فرمايائون تہ شايد هي ڪپڑو اسان جو ناهي؟ پوءِ منهنجو ڪپڑو مون کي ڏنائون ۽ پنهنجي لنگي مٿان اوڍيائون!

نقل 12: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن استغراق جي غلبي کان پنهنجي سواري جي گهوڙي هوندي شادي خال ٽالپر جي گهوڙيءَ تي سوار ٿي پيا ۽ سندن سواريءَ جو گهوڙو پويان پي آندائون!

نقل 13: حضرت پير سائين جن جي عادت مبارڪ هيءَ هئي جو وارن مبارڪن کي سينگارڻ وقت استغراق جي غلبي کان اهڙا بيخود ٿي ويندا هئا جو وارن پٽجڻ جي بہ کين خبر نہ رهندي هئي! هڪ ڏينهن ٻانهي عرض ڪيو تہ حضرتا! عجب آهي جو وارن پٽجڻ جي ايذاءَ جي باوجود طبيعت مبارڪ تي استغراق غالب رهي ٿو! پاڻ فرمايائون تہ توکي بہ انهيءَ مان حصو ملندو! شڪر الحمد لله جو هن وقت پاڻ ڪريمن جي برڪت توجهہ ۽ دعا سان مون کي بہ اهو مقام نصيب ٿيو آهي.

نقل 14: هيڪر حضرت پير سائين جن حضرت ميان صاحب جن کان نقل فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت مخدوم سائين فقيرن جي جماعت سان درياهہ جي هُن طرف ڪنهن فيصلي جي لاءِ ٿي ويا! جڏهن درياهہ جي ڪناري تي پهتا تہ اتفاق سان ٻيڙي ڪانہ هئي. فقير درياهہ جي ڪناري زمين تي ويهي رهيا ۽ حضرت مخدوم سائين جن هڪ پاسي وڃي سمهي پيا ۽ استغراق جي غلبي ۾ سندن پير مبارڪ اولهہ ڏانهن ٿي ويا هئا! ۽ اتان هڪ ميهار مينهون پاڻي پيارڻ لاءِ لنگهيو ڇا ڏسي تہ هڪ شخص اولهہ ڏانهن پير ڪيو ستو پيو آهي! سجاڳ ڪري ان کي چيائين تہ تون ڪير آهين جو ڪعبي ڏانهن پير ڪريو ستو پيو آهين. توکي خبر نہ آهي جو مخدوم سائين جماعت سان درياهہ جي ڪناري تي لٽل آهي. تو ان کان بہ نہ ٿو ڊڄين. متان تنهنجي خبر پويس ۽ توکي تعزير ڏياري؟ مخدوم سائين جن ان کان معذرت گهري تہ مون غلطي ڪئي آهي! مهرباني ڪري مخدوم صاحب کي نہ ٻڌائجانءِ ان کان بعد ميهار جڏهن مينهون پاڻي پياري واپس ٿيو. تڏهن دل ۾ خيال ڪيائين تہ حضرت مخدوم سائين جن جي زيارت بہ ڪيو وڃان! جتي جماعت وينی هئي اتي اچي مخدوم سائين جي زيارت ڪيائين ۽ عجب ڪيائين جو سجاتائين تہ هي اهو شخص آهي. جيڪو ڪعبة الله ڏانهن پير ڪيو ستو پيو هو!

نقل 15: حضرت پير سائين جن حضرت ميان صاحب ﷺ جن کان نقل ڪيو تہ هڪ ڏينهن حضرت مخدوم سائين جي صحبت ۾ اچي حاضر ٿيس ۽ ظهر جي نماز جو وقت هو سلام ورائي قدم بوسي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪيم! اگرچہ هٿ مبارڪ ملايائون پر پنهنجي زبان مبارڪ سان ڪجهہ نہ چيائون ۽ اڳي سندن عادت مبارڪ هئي جو جڏهن خدمت ۾ ايندو هوس تڏهن اٿي بيهي پاڪر پائي خيروعافيت پڇندا هئا! پر هن پيري وينائي رهيا ۽ اسان حيران ٿي ويهي رهياسون ۽ رات اتي گذاري سون پوءِ جڏهن ڏينهن ٿيو تڏهن فرمايائون شاهہ صاحب آيا آهيو تہ اسان سان ملاقات بہ نہ ڪيو؟ خدمت ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! مان ڪلهہ اڇي اوهان جي قدمبوسي ڪئي هئي. پوءِ ان وقت اٿي پاڪر پائي خيروعافيت پڇيائون ان کان پوءِ فرمايائون تہ شاهہ صاحب! ڪڏهن اسان فرزند فريد کي بہ نہ سڃاٽندا آهيون! هتي هيءَ حديث هن موافق آهي: کي مَعَ اللهِ وَقْتٌ لَا يَسَعُنِيْ فِيْهِ مَلَكٌ مُقَرَّبٌ وَلَا نَبِيٌّ مُّرْسَلٌ (يعني مون کي هڪ وقت الله تعاليٰ سان اهڙو هوندو آهي جنهن ۾ نہ ملڪ مقرب جي گنجائش هوندي آهي نہ نبي مرسل جي!)

نقل 16: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ جنگ ۾ حضرت علي کي پير ۾ تير لڳي ويو، جنهن جو ڪيڏ پير چيرڻ ڪانسواءِ مشڪل ٿي پيو هو! حضرت نبي ڪريم ﷺ جن اصحابن سڳورن کي فرمايو تہ جڏهن حضرت علي نماز ۾ مشغول ٿئي تہ سندس پير کي چيري تير ڪيڃو پوءِ جڏهن حضرت علي نماز ۾ مشغول ٿيا تڏهن پير مبارڪ کي چيري تير ڪيائون ۽ حضرت شير خدا کي استغراق جي غلبي کان ڪا خبر نہ پئي!

نقل 17: خليفو قاضي ميان عبدالرحمٰن نصرپور جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ هڪڙي ڏينهن پريان لوءِ شهر جي مسجد شريف ۾ نماز پڙهيم ٿي، ايان هڪ رڪعت ادا ڪيم تہ انهيءَ شهر جي رهندڙ هڪ ڪوري چار رڪعتون پڙهي ورتيون فارغ ٿيڻ کان پوءِ مون ڪيس چيو تہ ميان خدا کان ڊڄ، جو مون ايان هڪ رڪعت مس ادا ڪئي هئي تہ تون چار رڪعتون پڙهي ورتيون آهن! ان جواب ڏنو تہ مون هڪ دفعي حضرت مخدوم سائين جي حضور ۾ نماز ادا ڪئي هئي! مان هڪ رڪعت پڙهي تہ حضرت مخدوم سائين جن چار رڪعتون پڙهي ورتيون پئي! اي عزيز! حقيقت هي آهي تہ مخدوم سائين کي استغراق جي غلبي جي حالت هئي ان ڪري نماز ۾ تڪڙ ڪيائون ٿي. جيڪڏهن ديڙ ڪن ها تہ بشري وجود کي استغراق کٽي وڃي ها پوءِ نماز ڪيئن ادا ٿئي ها هتي بزرگ ڪهڙو نہ چگو چيو آهي:

چون اينجا بی خودی می آورد جوش
عبارت را اشارة گفت خاموش

(جتي مستيءَ جو غلبو ٿئي ٿو ان ڪيفيت کي لفظن سان بيان ڪرڻ مشڪل آهي)

نقل 18: حافظ ابراهيم وينل ديهہ ڇرائي (مريد پير سائين جن جو ۽ شاگرد دائري وارن سيدن جو هو) نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن ٻڌڻ ۾ آيو تہ حضرت مخدوم سائين جن ميان محمد مراد ڪلهوڙي جي

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حڪومت جي ڏينهن ۾ ڪنهن فيصلي لاءِ مراد آباد ۾ تشريف فرما ٿيا هئا پوءِ موٽڻ وقت دائري جي پر واري ڏنڊ تي لٽا ۽ سيد محمد معصوم صاحب سندن دعوت ڪئي، پاڻ طعام استعمال ڪرڻ کان بعد ٻيڻهري نماز ادا ڪرڻ ۾ ڪجھ تکڙ ڪيائون، اتي حاضرين کي گھٽي حيرت ٿي! آخر سيد محمد معصوم کان پڇائون ته حضرت مخدوم سائين نماز ۾ هيتري تکڙ ڇا لاءِ ڪئي؟ سيد مذڪور چيو ته جيئن مخدوم سائين جن نماز ادا ٿئي ٿي پي ڪنهن کي اهڙي نماز ادا ڪرڻ جي طاقت ئي نه آهي!

نقل 19: هيڪر حضرت پير سائين جن درگاھ مبارڪ تان لاڙڪاڻي جي سفر لاءِ تيار ٿيا ۽ لاڙڪاڻي جي پرسان هڪ جاءِ تي لهڻ فرمايائون، اتي سيد ولايت شاھ شڪارپوري (جيڪو نقشبندي طريقي جي بزرگن مان هو) جي بيماريءَ جي ڪنهن ماڻهو خبر ٻڌائي! پاڻ ڪريم ان وقت ئي شڪارپور شهر جي طرف (جيڪو اتان تقريبًا ٻاويهه ڪوھ هيو) موٽيا سيني فقيرن جا گھوڙا گھٽي مسافري ڪري ٽڪجي پيا هئا، تاهم پاڻ سڳورن جي گھوڙي تمام تکي هلي رهي هئي ۽ ڪنهن به خدمت اقدس ۾ عرض نه ڪيو. آخر فقير شادي خال ٽالپر چيو ته اهڙي مصلحت ڪجي جو سفر آهستگي سان ٿئي سو مون پنهنجي گھوڙي سندن گھوڙيءَ اڳيان آندي ۽ پاڻ ڪريمن جون اکيون مبارڪ استغراق سبب بند هيون، جو پين جي حال کان بي نياز هئا! منهنجي گھوڙي جي اڳيان اچڻ ڪري سندن گھوڙي آهستي هلڻ لڳي، مگر جڏهن پاڻ افاقي ۾ آيا ٿي، تڏهن وري ان کي تکو هلايائون ٿي ۽ مان به پنهنجي گھوڙي تکي ڪري اڳيان آندم ٿي! ۽ جڏهن پاڻ استغراق ۾ اچي ٿي ويا ته ان وقت گھوڙي آهستي ٿيو پئي وڃي! اهڙي نموني ٻه ٽي ڪوھ مسافري ڪئي سون، ان کان بعد پاڻ اکيون مبارڪ کولي مرڪي فرمايائون ته تو پنهنجي گھوڙي بهاني طور اڳيان آندي ٿي ته اسان جي سواري رفتار آهستي ڪري؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا! سيني فقيرن جا گھوڙا ٽڪجي پيا آهن، ان مصلحت ڪري پنهنجي گھوڙي اڳيان ٿي ڪيم. پوءِ پاڻ مرڪي ڪري گھوڙي آهستي هلائڻ فرمايائون!

نقل 20: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين (تجرڏٽي) رحمۃ اللہ علیہ فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن مون کي فرمايو ته اڄ گھوڙا ڊوڙائيندا سون! مون عرض ڪيو ته حضرتا! ٻانهو حڪم جو تابعدار آهي، پوءِ گھوڙن ڊوڙائڻ وقت منهنجي گھوڙي اڳي مون کي ماڻهن ۾ هنيو، ايتري قدر جو ڪِرڻ کي ويجهو هيس ته ماڻهن گھٽي ڪوشش سان گھوڙي کي جهلي ورتو ۽ مان لهي پيس. ان کان بعد حق جي شهود جي غلبي کان فرمايائون ته سوار ٿيءُ ته وري به ڊڪايون، مون عرض ڪيو ته: حضرتا! گھوڙو ڏنگو آهي ان جي ڏنگائي ظاهر به ٿي پئي! وري ٻئي پيري ڪيئن ڊڪايون؟ هتي هڪ رمز آهي جيڪا ڪامل مڪمل ڪانسواءِ ٻي کي سمجھ ۾ نه ايندي! شاھ عبدالڪريم رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي ته: سر سنداَ هنجهڙا ڪٽي ٽا چُنن! (يعني هي پکي گھڙي جاءِ جا آهن ۽ ڪٽي ٽا داڻا کائن)

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 21: حضرت پير سائين جن جي سيرب ڪرائڻ جو معمول هن طرح هو، جو پاڻ پاڪائي سان هوندا هئا ۽ ٽي چار فقير (جن مان ڪو ڳلن مبارڪن جي وارن چونڊڻ لاءِ ته ڪو مٽي جي وارن مبارڪن جي تزئين لاءِ) سندن سيرب ڪرڻ ۾ مشغول هوندا هئا ۽ سندن اکيون مبارڪ استغراق سبب بند نظر ايندیون هيون ۽ فقيرن کي فرمائيندا هئا ته جلدي ڪريو!

نقل 22: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ حاضر هيس ته خليفي ميان الهرڪيي ﷺ پاڻ ڪريمن کان سوال ڪيو ته حضرتا! علم سنو يا جهل؟ پاڻ فرمايائون ته جهل سنو آهي! اي عزيز! جهل مان مراد آهي پنهنجي هستي کان جاهل ٿيڻ جنهن ۾ عالم ۽ علم جو وجود نه رهي ۽ ان کي استغراق به سڏيندا آهن! هن لاءِ ڪنهن شاعر ڪهڙو نه سنو چيو آهي:

در تنور عشق هستی رابسوز
هستی تو بررخ ز جانان نقاب

(يعني عشق جي تنور ۾ هستي کي ساڙي ڇڏ. چو ته تنهنجي هستي محبوبن کان پردو آهي)

هن لاءِ ٻيو به گهٽو بيان آهي پر ڇا ڪريان: كَلِّمُوا النَّاسَ عَلٰى قَدْرِ عُقُوْلِهِمْ (يعني ماڻهن سان انهن جي عقل آهر ڳالهه ڪريو) ان بيان جو اشارو قلم جي نوڪ کي ڀيڄي وجهي ٿو! سبحان الله هي جهل به عجيب جهل آهي جو هجڻ ۽ نه هجڻ جي خبر نه رکي ۽ "هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ" (سوره ق: آيت ۳۰) جو نعرو هڻي ۽ پنهنجي اندر ۾ سؤ هزار علم رکي.

نقل 23: اميد علي ٽالپر نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي درگاهه مبارڪ تي سندن حضور ۾ حاضر هيس ۽ پاڻ فجر جي نماز وقت مسجد شريف ۾ وينا هئا، جماعت گهٽي اچي وئي هئي ۽ نماز جو وقت تنگ ٿي رهيو هيو. آخر مؤذن تڪبير به چئي، پر حضرت پير سائين جن اتي ئي وينا رهيا. وري ميان قابل شاهه تڪبير چئي، پر پاڻ مراقبي ۾ مستغرق رهيا ۽ افاقي ۾ نه آيا! تانجو سج اپري ويو پاڻ بعد ۾ اٿيا اٽڪ وقت سندن جسم تي ٿوري ڏڪٽي پئجي ويئي، فقيرن کين جهلي ورتو پوءِ ميان قابل شاهه کي فرمايائون ته جڏهن توهان ڏٺو ته مان بيهوش هوس، ته نماز پڙهي چو نه ڇڏيوَ؟ ان کان بعد پاڻ امام ٿي فقيرن کي نماز پڙهايائون!

نقل 24: فيروز فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن سفر دوران ديهه جهيجه ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. تڏهن آئون به اچي حضور ۾ حاضر ٿيس. ان وقت پڇيائون ته فيروز فقير آيو آهي يا نه؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا! غلام حاضر آهي! گهڙي رکي وري پڇيائين ته فيروز فقير آيو آهي يا نه؟ غلام ساڳو جواب عرض ڪيو ۽ ٽئين ڀيري پڇيائون ته ان جي ساڻين مان ڪو آيو آهي يا نه؟ مون هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته حضرتا غلام حضور ۾ حاضر آهي! تڏهن فرمايائون اسان

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

توکي نہ سجاتوسون، جنهن کري اسان جي خيال ۾ نہ آئين، چو تہ ڪڏهن ڪڏهن حضرت مخدوم سائين بہ پنهنجي صاحبزادي محمد فريد کي نہ سجاٽندا هئا!

نقل 25: خيلفو ميان لقمان نقل کري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ سهو جو بيان هليو! پاڻ فرمايائون تہ ملان پنهنجي بي سمجهه سبب چوندا آهن تہ جڏهن حضرت نبي کريم ﷺ جن کي سهو پوندو هو تہ پوءِ ٻيا سهو کان ڪيئن بچندا؟ نعوذ بالله منها چوتہ حضرت نبي کريم ﷺ جن جي وجود انور ۾ خطرات کي مجال نہ هئي مگر هي سڀ ڪمال استغراق جي سببان هو!

جيڪڏهن سندن سهو خطرات کان هجي ها تہ حضرت ابابکر صديق رضی الله عنه هي دعا نہ گهري ها تہ: يَالَيْتَ كُنْتُ سَهْوَ مُحَمَّدٍ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ) (ڪاش جو آئون محمدي سهو هجان ها) حقيقت ۾ صديق اڪبر سندن استغراق جو مشاهدو ڪيو هو. جنهن کري اها دعا گهريائين ٿي!

نقل 26: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ديهه کور واهه کان ٻانهي جي دعوت قبول فرمايائون. آئون انهن ڏينهن ۾ سيد پور ۾ رهندو هيس. اونهارو ۽ مينهن جي مند هئي، ٽاڪ منجهند جو وقت هو. جنهن کري ويتر گرمي گهٽي ٿي وئي هئي ۽ وات ۾ پاڻي گهٽو هو. واٽر ۽ نالين پريون پيون هيون. جنهن سبب اتان لنگهڻ تمام ڏکيو هيو. جڏهن پاڻ سيد پور ۾ تشريف فرما ٿيا تڏهن آرام فرمايائون ۽ ٻپهري نماز پڙهڻ لاءِ اٿيا، وضو کان اڳ ڏندڻ ڏيئي رهيا هئا تہ فقير موليڏني چيو تہ اڄوڪو ڏينهن ڪيترو نہ گرم هو! مگر شڪر آ جو وات ۾ پاڻي تمام گهٽو هو! پاڻ فرمايائون تہ پاڻي ڪٿي هو تون اسان سان گڏ نہ هئين چا؟ فقير مان ٿي ويو ۽ اسان سڀ عجب ۾ پئجي وياسون! تہ سبحان الله هيترو پاڻي وات ۾ هو ۽ پاڻ کريمن کي محسوس بہ نہ ٿيو!

نقل 27: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن درگاهه مبارڪ تي باغيچي ۾ وينا هئا! هڪ ڪتاب ميان قابل شاهه جي هٿ ۾ هو ۽ ٻيو ڪتاب ۽ قلم پاڻ کريمن جي هٿ مبارڪ ۾ هو، پاڻ ڪتاب درست ڪرڻ لاءِ پڙهي رهيا هئا ۽ ميان قابل شاهه ٻئي ڪتاب تي ٻڌي رهيو هو! اتي ٻي جماعت بہ گهٽي هئي، پر هڪ درويش مجذوب الحال لڏ تي ٽيڪ ڏيو ڪنڌ هيٺ ڪيو بينو هو! ۽ پاڻ کريمن لکڻ جي کري پهراڻ جي ٻاهوڙي مٿي کري چڏي هئي ۽ ٿوٿڻ ظاهر هئي! اوچتو مجذوب جوش ۾ اچي مٿو مٿي ڪنيو ۽ لڏ ٻي اختيار کري پيس، جنهن کري سڀ پريشان ٿي پيا، پر پاڻ جنهن حال ۾ لکيو ٿي، انهيءَ حال ۾ وينا هئا! مٿو مبارڪ بہ مٿي نہ ڪنيائون بلڪ سندن لکڻ يا چهري مبارڪ ۾ ذري برابر تغير نہ آيو!

نقل 28: فيروز فقير نظاماڻي نقل کري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ فقيرن جي دعوت تي سيد پور تشريف فرما ٿيا هئا، اتي هڪ طالب العلم يار محمد نالي، مولوي

محمد قاسم جو شاگرد طريقي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ آيو! فقط ذڪر جي تلقين ونڻ شرط سندس عقل هليو ويو ۽ دنيا جي ڪمن کان بيڪار ٿي ويو ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان بلڪل خاموش ٿي ويو. ڪجهه مدت بعد جڏهن پاڻ لاڙ جي فقيرن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا تڏهن ان شخص جي عزيزن سيد پور ۾ ڪيس پاڻ ڪريمن جي اڳيان اچي ويهاريو. ان شخص سائين جن جي ڳالهائڻ باوجود نه ڳالهايو! پوءِ پاڻ هيءَ رباعي پڙهي حاضر مجلس کي مطمئن ۽ مسرور ڪيائون.

گر کسے وصف اوز من پرسد
بيدل ازے نشان چگويد باز

(جيڪڏهن ڪو ان جي وصف مون کان پڇي؟ ته دل لٽائڻ وارو، بي نشان بابت ڇا ٻڌائي سگهندو.)

عاشقان کشتگان معشوقند
بر نيايدز کشتگان آواز

(عاشق معشوقن جا ڪنل هوندا آهن، ويچارن ڪنلن کان آواز نه نڪرندو آهي!)

پوءِ فرمايائون ته هن تي ڪابه ميار نه آهي!

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل چوٿون

توحيد ۽ ڪفر حقيقي بابت

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ٻانهي (جامع ملفوظات) کي خطاب ڪري فرمايو تہ اي فلاڻا! جيڪو مريد ائين سمجهي تہ منهنجو پير مون کان پري آهي ۽ منهنجا اعمال ۽ احوال نٿو ڄاڻي تہ اهو مريد فيض کان بي نصيب آهي:

این جہان صورت است معلیٰ دوست
وربہ معلیٰ نظر کنی ہمہ اوست

(هي جهان حقيقي دوست جي صورت (جو جلوو) آهي، جيڪڏهن حقيقت ڏانهن نظر ڪندين تہ سڀ ڪجهہ اهوئي آهي.)

فقير (جامع ملفوظات) جي دل ۾ خيال آيو تہ ظاهري بشري صورت پير جي پري آهي ۽ جڏهن تہ پاڻ ڪريمن جو فرمودو بغير دليل جي حق ۽ يقين آهي! پر پوءِ معلوم ٿيو تہ هي اها صورت نہ آهي جيڪا هڪ جاءِ تي ۽ طالب کان پري هوندي آهي! بلڪ پير اهو آهي جنهن کي حقيقت الحقائق، حقيقت محمدي (عليٰ صاحبها الصلوات والسلام) روح اعظم ۽ عقل ڪل جو مظهر ڪري رکيو اٿن! اهو طالب کان ڪنهن بہ مڪان ۽ آن ۾ جدا نہ آهي، روح عالم کي جيڪڏهن جدا سمجهيائين تہ ايمان نہ هوندس:

نہ بشر خوانمت ای دوست نہ حورو نہ پری
این ہمہ بر تو حجاب است تو چیزے دیگری

(اي دوست توکي نہ بشر ٿو سڏيان نہ حور ۽ نہ پري، هي سيئي توتي پردا آهن تون ڪا بي شيءِ آهين!)

نقل 2: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن کان پڇا ڪيم تہ حضرتا! حضرت ميان صاحب جن هن جهان ۾ ڪهڙي روش رکندا هئا؟ پاڻ ڪريم ٿڏو ساهہ کڻي فرمايو تہ: ڇڻ ڇپر ۾ اٿ لکو پيو هو. پر هي ناقص عقل عارفن جي نڪتي کي ڪيئن سمجهي ۽ يقين ڪندو! جڏهن تہ هي ڪمينو عقل بازار جي ترازو وانگر آهي ۽ عارفن جو نڪتو جبل کان بہ ڳرو آهي سو هن ترازو سان جبل ڪيئن توري سگهبو؟

ڪنديہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 3: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ مون الله تعاليٰ کي خواب مرد (نوجوان چوکر) جي صورت ۾ ڏٺو؟ الله تعاليٰ مون کي ڏسي کليو ۽ منهنجي سيني تي هٿ رکيائين ۽ مون کي ٺڏاڻ محسوس ٿي ۽ ايتري تہ راحت آئي جو اها اچان بہ منهنجي سيني ۾ باقي آهي!

نقل 4: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي ڪان ڪنهن شخص توحيد بابت سوال ڪيو. شيخ صاحب رحمۃ اللہ علیہ ڪيس چيو تہ وچ ڪجھ ڳڙ ڪٽي اڇ؟ اهو شخص ان وقت ڳڙ وٺي آيو! شيخ صاحب ان کي حڪم ڪيو تہ ڳڙ مان حلال ۽حرام صورتون ڌاهہ؟ انهيءَ شخص ائين ڪيو! شيخ صاحب چيو تہ حلال صورتون هڪ طرف رک ۽ حرام صورتون ٻي طرف، هن ائين ڪيو! ان کان بعد شيخ صاحب ڪيس فرمايو تہ تون پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪر. جڏهن ان شخص پنهنجو منهن ڦيرايو، ان وقت شيخ صاحب انهن سپني صورتن کي پاڻ ۾ ملائي غلولو ڌاهي، ان شخص جي هٿ ۾ ڏنو ۽ فرمايائين تہ هن مان حرام حلال صورتون جدا ڪر؟ پوءِ اهو ماڻهو ماڻ ٿي ويو!

سلطان العارفين رحمۃ اللہ علیہ فرمايو تہ هذا التوحيد (يعني اهائي توحيد آهي) چوندڙ ڪهڙو نہ سڻو چيو آهي:

حق جہان است جہان جملہ بدن
توحید ہمین است دیگر حیلہ و فن

(حق جهان جو ساهہ آهي ۽ جهان بدن آهي، اها توحيد آهي باقي ٻيا سڀ فن ۽ حيلا آهن)

نقل 5: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هيس تہ اتي مون کي اڄ لڳي، سو هڪ فقير کان پاڻي گهريم؟ فقير پاڻي آڻي ڏنو، ان کان پڇيم تہ پاڻي کوه جو آهي يا ڏينڊ جو؟ هي لفظ جڏهن پاڻ ڪريمن ٻڌا تڏهن فرمايائون اربع عناصر کان نظر مٿي ڪري پاڻي پيئُ گهٽو ڪري سندن هي عادت مبارڪ هئي تہ جيڪو اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو يا ڪانئن پڇندو هو تہ ان کي جواب ۾ فرمائيندا هئا تہ اربع عناصر کان نظر مٿي ڪر ۽ جيڪي وٽئي سو ڪاءُ ۽ تشويش کي دل ۾ جاءِ نہ ڏي.

نقل 6: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ٻانهي کان احوال پڇيا مون عرض ڪيو تہ حضرتا! منهنجي اندر مان: لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ۖ لِلَّهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ (سورة المؤمن: آيت ١٦) جو آواز اچي ٿو پاڻ ڪريمن فرمايو تہ هاڻي توحيد ڪمال جي درجي کي پهچي ويئي آهي.

نقل 7: هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ جيڪي نظر ۾ اچي ٿو سو سڀ خيال آهي، حقيقت ۾ سڀ ڪجھ اهو آهي، مون بہ عرض ڪيو تہ جيڪو نظر ۾ اچي ٿو سو مڙيئي اهو آهي پاڻ هتي هڪ توحيد جو نقل ارشاد فرمايائون تہ هڪ عورت جو مڙس مري ويو، ان ٻنيان فقط هڪ پٽ ڇڏيائين!

هڪ ڏينهن جڏهن عورت ڍڳي ڏهي رهي هئي، تڏهن هڪ دفعو ڪير پنهنجي وات ۾ ٽ ٻي دفعي لوٽي ۾ ٽي ڏڏائين! پٽ جڏهن اها حالت ڏٺي تڏهن چيائين ٽ امان! هي ڇا ٽي ڪرين؟ ماءُ جواب ڏنو ٽ بابا! جنهن ڏينهن ڪان تنهنجي پيءُ وفات ڪئي آهي، لوٽو ۽ منهن جو وات هڪ ٽي ويا آهن انهن جو فرق ختم ٽي ويو آهي. حافظ شيرازي رحمۃ اللہ علیہ چيو آهي:

ندیم و مطرب و ساقی همه اوست
خیال آب و گل در ره نباشد

(دوست، ساز وارو ۽ پيارينڊڙ مڙئي اهو آهي، سلوڪ جي وات ۾ پاڻي ۽ مٽي جو خيال نه هجڻ گهرجي!)

نقل 8: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ وينا هئاسون ٽ منافقن جو بيان هليو! پاڻ فرمايائون ٽ منافق بہ قسم آهن، هڪڙا ظاهري ٻيا باطني، ظاهري اهي آهن جيڪي حضرت نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن سان گڏ نماز پڙهندا هئا ۽ غنيمت جو مان ونڊندا هئا ۽ ظاهر ۾ مسلمان بہ چورائيندا هئا مگر اندر ۾ ڪافر هئا! الله تعاليٰ انهن جي حق ۾ آيت نازل فرمائي آهي: اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِي الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ (سورة النساء: آيت ۱۴۵) (بيشڪ منافق دوزخ جي هيٺين تري ۾ آهن) باطني منافق اهي عارف آهن جن پاڻ کي احديت جي درياء ۾ بوڙي ڇڏيو! جنهن ڪري انهن جو نالو نشان ئي نہ رهيو ۽ عالم امر ۾ هيئن چون ٿا:

من خدایم من خدایم من خدا
فارغم از کبر و کینه واز هوا!

(مان خود خدا آهيان مان خدا مان خدا، تڪبر، ڪيني ۽ حرص کان فارغ آهيان!)

وري جڏهن عالم خلق ۾ اچن ٿا تڏهن هن طرح چون ٿا: اَنْتَ خَالِقِيْ وَاَنَا مَخْلُوْقٌ اَنْتَ مَالِكِيْ وَاَنَا مَمْلُوْكٌ (تون خالق آهين آئون مخلوق! تون مالڪ آهين آئون ٻانهو)

هتي عبديت ۽ عبوديت ۾ وار جيترو بہ فرق نٿا ڪن، ۽ شريعت کي نٿا ڇڏين ۽ پاڻ فرمائيندا هئا ٽ عارف جو دُن عرش عظيم آهي ۽ دن کان هيٺ عالم خلق آهي! عالم خلق جيڪو دن جي هيڻان آهي عارف ان جي مٿان هٿ ٻڌي عبادت ۾ مشغول ٿيندا آهن ۽ ڪوبہ شرعي ڪم نہ ڇڏيندا آهن!

منم یک بند مرد تمامی
کند باخواجگی کارے غلامی

(مان انهيءَ ڪامل مرد جو غلام آهيان، جيڪو سرداري باوجود ٻانهو جو ڪم ڪندو آهي)

ڪنڊريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اندرون شو آشناؤ از بيرون بيگانه باش
با اين چنين زيبا روش کمتر بود اندر جهان

(اندران اندر واقف ۽ جيئن کو باهران بيگانو هجي، اهڙي سهڻي روش دنيا ۾ ڪا تمام گهٽ هوندي) ۽ دن کان مٿي عالم امر جو آهي جڏهن ان ۾ پهچن ٿا تڏهن وري هيئن چون ٿا:

من خدايم من خدايم من خدا
فارغم از کبر و کينه واز هوا

نقل 9: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته حضرت ميان صاحب جن جي هيءَ عادت مبارڪ هوندي هئي، جو جڏهن به ماڻهو پاڻ ۾ جهيڙو ڪندا هئا، تڏهن هيئن فرمائيندا هئا ڏسو ته الله تعاليٰ پنهنجي نور کي پاڻ ۾ ويڙهائي تماشو ڏسي ٿو. اي عزيز! حضرت ميان صاحب حقائق ڪوني (دنيا ۾ موجود حقيقت) جي نسبت نور سان فرمائي آهي نه حق سان، ڇو ته حق حقائق اعياني کان پاڪ آهي، بعضي هن زماني جا صوفي گهٽ فهم جي ڪري حق چون ٿا، سو ائين نه آهي ۽ حضرت ميان صاحب جو فرمودو سچو ۽ عين آهي.

نقل 10: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جبر جو بيان ڪندي ارشاد فرمايائون، ته جبر به قسم آهي: هڪ جبر مذموم پيو محمود مذموم جبر جو مثال اهي ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي هستيءَ تي قائم ۽ دنيا جي ڪمن ۾ رات ڏينهن غرق آهن، جيڪڏهن کين چئجي ته نماز، روزي، ذڪر، فڪر ۽ الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿيو ته چوندا آهن، هن ڪم جي توفيق ته الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي، جيڪڏهن الله گهري ته هميشه صالح ڪمن ۾ مشغول ڪري ڇڏي ۽ اسان کي ڪوبه اختيار نه آهي! هي جبر مذموم آهي. جبر محمود اهو آهي جو سالڪ هميشه ذڪر فڪر، نماز، روزي ۽ ڇڪن ڪمن ۾ مشغول هجي، پر جي ڪائنس خلاف شرع گفتگو ظاهر ٿئي، مثلاً اَنَا الْحَقُّ، سُبْحَانِيْ مَا اَعْظَمَ شَأْنِيْ (مان الله آهيان منهنجو وڏو شان آهي) تن به ان جو ظاهر ۽ باطن الله تعاليٰ سان هجي جيئن هڪ بزرگ چيو آهي:

من نمی گويم انا الحق يارمی گويد بگو
چون نمی گويم مرا دلدار می گويد بگو

(مان نٿو چوان ته مان الله آهيان پر يار چوي ٿو ته تون چئو، پر جي مان نٿو چوان ته مون کي دلدار چوي ٿو ته چئو)

صوفي ان کي جبر محمود چوندا آهن ۽ ديني ڪمن جو خيال ڪندا آهن ۽ پنهنجي خواهش کي ختم ڪري حق جي خواهش کي اڳ ۾ رکندا آهن.

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 11: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ حضرت ميان صاحب جن فرمائيندا هئا، تہ هڪ ڏينهن مخدوم سائين جن مسجد شريف ۾ وينا هئا تہ هڪ هندو ٻڌي اقراڙا پوتيءَ جي پلوَ ۾ ٻڌي مسجد جي دروازي تي اچي سڏ ڪيائين تہ مخدوم سائين! هي ٻڌي مانيون خدا ڪارڙ آندیون اٿم سي ونو! سائين جن هڪ فقير کي چيو تہ هندوءَ کان مانيون ونڻي اڇ؟ فقير سندن حڪم سان وڃي هندو کان مانيون ونڻي حضرت مخدوم سائين جن جي اڳيان اچي رکيون، ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! هي مانيون هندو گهر ۾ پچائي پوتيءَ ۾ ٻڌي ڪٽي آيو آهي انهن جي ڪائڙ بابت ڪهڙو حڪم فرمايو ٿا؟ جواب ۾ فرمايائون تہ الله تعاليٰ جي نالي ڏانهن ڏسون يا هندوءَ ڏي!

نقل 12: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي درياھ جي هن طرف سفر ۾ حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ وينو هيس ۽ صاحبزادا بہ خدمت ۾ موجود هئا، ايتري ۾ هڪ هندو چانورن جي پاڙ پري سندن خدمت ۾ ڪٽي آيو، جمعي فقير پاڙ ونڻي رکي ان وقت پاڻ اوپر طرف واري ڪڙ تي وينا هئا ۽ طعام استعمال ڪرڻ لاءِ لهي آيا ۽ فرمايائون تہ يارو! اچو تہ کائون، مان اولهہ پاسي واري ڪڙ تي وينو هيس ۽ نہ اٿيس، هن ڪري تہ پاڻ ڪريمن مون کي نہ سڏيو ۽ ٻيا فقير اڳئي هندن جي طعام کان اعتراض ڪندا هئا! صاحبزادن مون کي چيو تہ اچو کائو؟ مان ساڳي طرح وينو رهيس ۽ پاڻ سڳورا هڪ دفعو مون ڏانهن ڏسي طعام استعمال ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا، ان کان بعد هڪ ڪڙ جو وٽو گهرائي بہ دفعا هٿن مبارڪن سان ان ۾ چانور وجهي مون کي ڏنائون ۽ چيائون تہ کائو؟ پوءِ کاڌم ۽ دل مان شڪ هليو ويو!

نقل 13: هڪ دفعي درگاھ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هيس پاڻ ڪريمن مون کان احوالن جي ڪيفيت پڇي؟ مون خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! خدا تہ ٿيو پر قوت نہ ٿو رکي! پاڻ فرمايائون تہ خدا کي سڀ طاقت آهي، پر ايجان کا سڏ باقي آهي، جيئن مولوي معنوي مثنوي ۾ فرمايو آهي:

چون زخود رستی همہ حق گشتہ
رفت ظلمت نور مطلق گشتہ

(جڏهن تون پاڻ کان ڇڻين سڄو حق ٿي وئين! اونداهي پري ٿي ۽ تون مطلق نور ٿي وئين!)

در مقام وهم باشد او وتو
چون نباشی تو نباشد غير او

(وهم جي جاءِ ۾ ان جو ۽ تنهنجو وجود هوندو پر جڏهن "تون" نہ رهين تڏهن سندس غير نہ هوندو)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 14: ڪامل فقير ديهه حيدر فقير ٽالپر جو (جيڪا چاچڪن جي پرسان آهي) نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هر طرف جا مسلمان ڪعبة الله ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهن ٿا، مگر بيت الله جي اندر جنهن طرف به وٽي ان طرف منهن ڪري نماز پڙهي سگهجي ٿي! اي عزيز! پاڻ ڪريمن جي فرمودي مان ظاهر ٿئي ٿو، ته جڏهن ظاهر ڪعبه جي داخل ٿيڻ شرط هر طرف نماز جائز آهي ته پوءِ جنهن جماعت کي حقيقي ڪعبي جو دخول نصيب آهي ته ان جي لاءِ سڄي زمين ڪيئن نه ڪعبو آهي؟ جيئن آيت شريف ۾ آهي ته فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ؕ (سورة البقره: آيت ۱۱۵) (يعني جنهن طرف توهان منهن ڪندا ان طرف الله تعاليٰ موجود آهي)

نقل 15: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ڪٽ تي آرام فرما هئا! مون عرض ڪيو ته حضرتا! حديث شريف "اِذَا تَمَّ الْفَقْرُ فَهُوَ اللّٰهُ" جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ پاڻ فرمايائون ته جڏهن سالڪ کي فناءُ الفنا حاصل ٿيندو آهي، ان وقت سالڪ جو وجود نه رهندو آهي مڙوئي الله هوندو آهي.

نقل 16: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو، ته ولي الله جو مثال ان شڪاري وانگر آهي، جيڪو پکين جهڙو لباس پنهنجي مٿان رکي پکين جو شڪار ڪري!يعني الله تعاليٰ ڪيس بشريت جو لباس ڏکائي هن جهان ۾ محبت وارن جو شڪار ڪرائي ٿو! هن جاءِ تي ڪهڙو نه چگو فرمايو اٿن:

آن بادشاه اعظم دربسته بود محكم
پوشيد دلق آدم ناگاه بر سر آمد

(ان اعظم بادشاه پنهنجو دروازو محڪم بند ڪري ڇڏيو هو، پر پوءِ آدم جو لباس پائي اوچتو ظاهر ٿي پيو!)

نقل 17: هڪ دفعي قاضي محفوظ کي هن فقير جي صحبت ۾ توحيد جو حال پڇجي ويو، پوءِ فقيرن پاڻ ۾ مشورو ڪري سندس امتحان وٺڻ لاءِ فقير ابراهيم کي چيائون ته ڪنهن هندو جي ڏوتي جٽيون ۽ سندر تلڪ ڪيڻ لاءِ ڪٽي اڇ! اهي سڀ شيون گڏ ڪري ٽنڊي قيصر فقير نظاماڻي ۾ هڪ فقير جي اوطاق تي قاضي جي اڳيان اڇي رکيائين! پوءِ قاضيءَ ڏوتي هندن وانگر پنهنجي هٿن سان ٻڌي ۽ جٽيون ڪٽي ڪنڌ ۾ وڌائين ۽ ابراهيم فقير برهمڻ وانگر، سندر سان قاضيءَ جي سيني منهن ۽ پيشانيءَ تي چٽ ڪيڻا هيءَ خبر سندس پيٽ (جيڪا درگاهه مبارڪ تي حاضر هئي تنهن) حضور ۾ بيان ڪئي ته حضرتا! ٻڌو اٿم ته خليفي جي جماعت منهنجي پاءُ کي اهڙي تڪليف ڏني آهي، جو ڪنهن به مسلمان کي اڄ تائين نه ڏني وئي! پاڻ ڪريمن جواب ۾ فرمايو ته خبر نه آهي، پر سمجهجي پيو ته شايد تنهنجي پاءُ تي سڪر جي حالت غالب ٿي آهي!

نقل 18: هڪ ڏينهن آئون ۽ خليفو محمد حسين ڏڏر جو رهندڙ ۽ ٻي گهٽي جماعت ريگستان جي سفر ۾ حضور ۾ حاضر هئاسون! پاڻ توحيد جو بيان فرمائي رهيا هئا. سندن بيان لکڻ، تقرير، عقل ۽ فهم جي تنگ دامن ۾ ماپڻ مشڪل هو، ان وچ ۾ فرمايائون ته جيڪڏهن سچو طالب حاضر دل ٿي وڃي ته جيڪي بالقوه آهي، اهو بالفعل متس ظاهر ٿي پوي! پوءِ مون وحدت جي فڪر ۾ تمام گهٽي محنت ڪئي ايتري قدر جو ڪثرت جو تعين (مقرر ڪرڻ) ۽ محبوب جي وحدت جيئن هئي انهي طرح مشاهدي ۾ نظر آئي! ۽ ڪثرت وچ مان نڪري وئي ۽ حقيقت جو سج ايري پيو ۽ اهڙو جو ڪثرت جو نالو نشان ئي نه رهيو!

نقل 19: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ريگستان جي سفر ۾ خليفي محمد شفيع جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا! اتان سيد جمال شاه ڪڙيئي جي رهندڙ واپس وطن اچڻ جي اجازت گهري؟ پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته اجازت ان کي ڏيندس جيڪو زماني جو سليمان ٿئي ۽ پڪين جا آواز سمجهي يا شينهن ۽ ٻڪري کي گڏ چاري! پوءِ شاه صاحب چيو ته آئون شينهن ۽ ٻڪري کي گڏ چاريندس ۽ مون کي به فرمايائون ته جي تون شينهن ۽ ٻڪري گڏ چارين ته توکي به اجازت ڏيون؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا! شينهن ٻڪري کي اهڙو ته کاڏو آهي جو ان جو ڪو به نشان باقي نه رهيو آهي. پوءِ شاه صاحب کي اجازت ڏنائون ۽ مون کي اجازت عنايت نه فرمايائون:

توچہ دانی زبان مرغاں را
کہ ندانی دم سلیمان را

(تون پکين جي زبان مان ڇا ڄاڻين؟ ڇو ته تون سليمان جي دم کي ڪونه ڄاڻين ٿو!)

نقل 20: هڪ دفعي تنڊي جهان خان تالپر ۾ هڪ هندو جوڳي حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ آيو پاڻ ساڻس توحيد جو بيان پهر کن تائين ذڪر فرمايائون ۽ هندو کان پڇيائون ته توهان خدا کي ڪٿان ٿا ڳوليو ۽ ڪيئن ٿا سڃاڻو؟ ان عرض ڪيو ته حضرتا! پاڻ ۾ ڳوليون ٿا، جو ٻي ڪابه جاءِ نه آهي! پوءِ جڏهن هندو روانو ٿي ويو، تڏهن مون کي فرمايائون ته هي هندو جوڳي توحيد جي حالت جيئن آهي انهي طرح رکي ٿو! ڏسجي ته سندس آخرت جو معاملو ڪيئن ٿو پورو ٿئي؟

نقل 21: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيم ته موحد وحدت شهودي جا قائل آهن ۽ صوفي وحدت وجودي (همه اوست مطلق) جا قائل آهن ۽ هي سڀ ان روشنيءَ جي غلبي کان آهي جيڪا حقيقت جي سج مان نڪري ٿي ۽ نفس جا سڀ ستارا انهن جي نظرن اڳيان گم ڪري ٿي ڇڏي؟ پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته انهن جو اهو چوڻ به وحدت وجودي جي تائيد آهي! مون وري عرض ڪيو ته هو چون ٿا ته اهو سڀ انهن جي عدم بصارت جي ڪري آهي! پر جيڪڏهن اهي نظر ناقد رکن ها ته چٽي ڏينهن ۾ به ستارا ڏسن ٿا. پاڻ ڪريمن فرمايو ته ائين ئي آهي!

نقل 22: هڪ دفعي قلات جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هيس ۽ هڪ فقير جي دعوت تي ڪڙ جي ياڄيءَ سان ماني کاڌي سون، ٿوري دير کان بعد هڪ فقيرياڻي جوار جي ڦلن جي پروٽي! هڪ ڏنيرو پچايل ڪٽي اڇي پاڻ ڪريمن جي اڳيان رکيائين! پاڻ حاضرين مجلس کي فرمايائون تہ اڇو توهان کي سنڌ جو ميوو کارايون، فقير فيروز نظاماڻي عرض ڪيو تہ حضرتا! هينئر ڪڙ جو ٻوڙ کاڌو اٿئون هي مڇي آهي؟ پاڻ فرمايائون جتي مڇي ۽ ڪڙ نہ آهن پل اتي وڃي کائو! اي عزيز! پاڻ هي اشارو توحيد جو فرمايو اٿئون!

نقل 23: هڪ دفعي پير سائين جن فرمايو تہ ڪتاب زبدة الرشحات مطالع ڪندي نظر آيو تہ ابليس خبر هوندي حضرت آدم کي سجدو نہ ڪيو، پر هڪ اهڙي ملائڪن جي جماعت سجدو ڪيو جنهن کي حضرت آدم جي پيدائش جي بہ خبر نہ هئي! انهن ڏينهن ۾ مون تي سکر جي حالت غالب هئي، جنهن ڪري نماز پڙهڻ ڏاڍي ڏکي لڳندي هئي، عرض ڪيم تہ حضرتا! هيءَ ڳالهہ منهنجي حال جي موافق فرمايو ۽ نماز پڙهڻ بہ معاف ٿئي! پاڻ فرمايائون تنهنجي نماز مخلوق جي لاءِ فيض آهي توکي بغير نماز جي نہ ڇڏيندا سون، جڏهن ڪفر حقيقي جي حالت حقيقي اسلام جي حالت جيڪا: اَلْاِيْمَانُ عُرْيَانٌ وَلِبَاسُهُ التَّقْوٰى (ايمان اگهاڙو ۽ پرهيزگاري ان جو لباس آهي) سان بدلجي وئي ۽ نماز پڙهڻ سان مشغول ٿي ويس تڏهن ڳوٺ وڃڻ جي اجازت عنايت فرمايائون!

اي عزيز! ڪفر حقيقي جي حالت ۾ نماز پڙهڻ ان ڪري ڳري لڳي پئي، جو غير نظر ۾ آيو ٿي، جڏهن نماز جي حقيقت جيئن هئي اهڙي طرح معلوم ٿي، جو ان ۾ ساجد ۽ مسجود عابد ۽ معبود آهي، پوءِ لذت ۽ فرحت گهٽي حاصل ٿي ۽ اها دولت ملڪ ۾ اچي وئي!

نقل 24: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ الله تعاليٰ جلشانہ آسمان کي تنبوءَ وانگر پنهنجي پير تي بيهاري ڇڏيو آهي ۽ زمين کي فرش وانگر وڇايو اٿس ۽ پاڻ منجهس ٽلي ٿو!

نقل 25: قاضي شفيع محمد نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن کنهن سواليءَ جي سفارش لاءِ ميرسهراب ٽالپر ڏانهن مون کي خط لکڻ جو حڪم فرمايو! مون کي سندن مرتبي ۽ دنيا جي حاڪم جي معمولي حيثيت سبب عبارت لکڻ ۾ ڏکيائي ٿي، تانجو قلم لکڻ کان بند ٿي ويو! پاڻ ڪريمن اشاري سان فرمايو تہ لک دير ڇو ٿو ڪرين؟ مون سڄو حال پيش ڪيو. پاڻ ٽڙيل گل وانگر مرڪي فرمايائون تہ جيڪا بہ عبارت تنهنجي دل ۾ اچي سا لکي ڇڏ. مثال خداوند خدائگان (اميرن جا آقا) وغيره ڇو تہ الله تعاليٰ هر جاءِ تي آهي:

این جهان صورتست معنیٰ دوست
ور بمعنی نظر کنی همه اوست

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

(هي جهان حقيقي دوست جي صورت (جو جلوو) آهي، جيڪڏهن حقيقت ڏانهن نظر ڪندين تہ سڀ ڪجهہ اهو آهي.)

اي عزيز! حضرت جن جو هي مقولو "ڪفر حقيقي" واري حال جي موافق هو!

نقل 26: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن مسجد شريف ۾ قرآن شريف پڙهڻ ۾ مشغول هئا، مير ڄام تالپر جي خادم گهنور اچي قدم بوسي ڪئي، پاڻ ٻيهي ڪيس پاڪر سان مشرف فرمايائون ۽ مون دل ۾ خيال ڪيو تہ عجيب نظر ۽ يقيني بصارت پاڻ ڪريمن جي آهي جو نظر مبارڪ خاڪ جي ذري تي بہ اٽڻ ۽ هر شيءِ ۾ مشاهدو: فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ؕ (سورة البقره: آيت ۱۱۵) جو ڪن پيا!

نقل 27: هڪ ڏينهن سفر ۾ مون ۽ ميان قابل شاهہ هڪ ٻئي ۾ بطريقي صحبت جي ڳالهيون ڪيون پئي! ان وچ ۾ شاهہ عبدالطيف ڀٽائي جي هن بيت جي معنيٰ ۾ اختلاف ٿيو:

نوري جي نوازيو، ٿيو تماچي تي،
گاڏي چاڙهي گندري، ماٺهو ڪيو مي،
ڪينجهر چوندا ڪي، تہ سچ سيائي ڳالهڙي!

مون بيت جي معنيٰ قابل شاهہ کان پڇي شاهہ صاحب چيو تہ هي نفس کي خطاب آهي، جو حديث نبوي ۾ آيل آهي تہ: خِيَارُكُمْ فِي الْجَاهِلِيَّةِ خِيَارُكُمْ فِي الْاِسْلَامِ، (جيڪو جاهليت ۾ توهان مان پلو اهو اسلام ۾ بہ توهان جو پلو آهي) ان ڪري سڀني عضون جو رئيس نفس آهي، جيڪڏهن انجو لاڙو اسفل (هيٺاهين) ڏانهن آهي تہ سڀئي ان جا تابع ٿيندا ۽ انهن کي اسفل (عالم خلق) ڏانهن آڻي ٿو، جيڪڏهن انجو لاڙو اعليٰ عليين ڏانهن هوندو تہ سڀئي انهيءَ جا تابع ٿي پوندا، مون هن معنيٰ جو انڪار ڪيو ۽ ان جي معنيٰ هن طرح بيان ڪيم! تہ پير جي واسطي خادم قائم ڪيو اٽن! ميان قابل شاهہ اها معنيٰ نہ ميڇي، مون هي بيت حضور انور ۾ پڙهي پنهنجي ۽ قابل شاهہ جي معنيٰ پيش ڪيم پاڻ فرمايائون تہ قابل شاهہ البتہ پنهنجي ڳالهہ کي رواج ڏي ٿو. باقي هن بيت ڏيندڙ جو مطلب تو واري معنيٰ آهي.

نقل 28: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حديث شريف ۾ آهي تہ ڦٽي ڪڏهن ڪڏهن ڏجي ۽ ڏندڻ صبح شام بلڪ هر وضوءَ جي وقت ڏيڻ گهرجي! پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هن ڪنايي ۾ ڦٽي مان مراد آهي تہ دنيا جي رنگا رنگ مظاهر تي ڪڏهن ڪڏهن نظر ڪرڻ گهرجي، ۽ لاجو ڏندڻ (فنا ذاتي) ڪڏهن بہ هٿ کان ڇڏڻ نہ گهرجي.

نقل 29: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ڪاڪ جي جاءِ تي جيڪا ڪڏڻي جي پرسان آهي فقير محمد انڑ جي دعوت قبول ڪري تشريف فرما ٿيا هئا! اتي هڪ فقير پاڻ ڪريمن جي اڳيان هي سنڌي

ڪافي پڙهي ٻڌي

"ڳلي ڳلي مان ٿي ڳولي، يار سڄڻ تنهنجي ڪارڻ"

پوءِ خليفي بخش علي کان هن ڪافي جي معنيٰ پڇيائون؟ خليفو ماڻ ٿي ويو. فرمايائونس ته ماڻهن جي اڳيان ته گهٽو ڳالهائيندو آهين، هتي ماڻ ٿي ويو آهين؟ پوءِ پاڻ زبان مبارڪ سان فرمايائون ڳلي ڳلي مان مراد آهي مظهرات ۽ تعينات! جيڪي عين وحدت آهن. چوندڙ کهڙو نه سڏو چيو آهي:

ڪسوت ديگر بپوشد جلوه ديگر ڪند
مظهر ديگر نمايد بهر اظهار ديگر

(جدا جدا وڳو ڍڪي مختلف جلوا ڏيکاري ٿو، ٻيو ٻيو مظهر ڏيکاري ٿو مختلف صورتن جي اظهار واسطي)

نقل 30: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته قيصر روم جو قاصد حضرت امير المؤمنين عمر فاروق رضي الله عنه وٽ آيو ٿي، جڏهن مدينه منوره ۾ پهتو، تڏهن هڪ عورت کان پڇيائين ته خليفي جي ماڙي ڪٿي آهي؟ جو ان جي ملاقات کان مشرف ٿيان؟ ان چيس ته هي بادشاه کابه ماڙي نه رکندو آهي:

قوم گفتندش ڪه اورا قصر نيست
مر عمر را قصر جان روشنی است

(يعني انکي قوم چيو ته ڪيس کابه ماڙي نه آهي، عمر کي ساه جي روشني جي ماڙي آهي) بلڪ هو پاڻ بذات خود مشڪ پري مسافرن ۽ ضعيفن ۽ رنڍ عورتن کي پاڻي پياريندو آهي! قاصد کي اها ڳالهه ٻڌي، سندس زيارت جو ويتر وڌيڪ شوق ٿيو! ۽ ان کي اچي هڪ ڪجيءَ جي هينان ستل ڏنائين، ڏسڻ شرط ان جي دل تي دهشت طاري ٿي وئي! جيئن مثنوي مولوي ۾ بيان ٿيل آهي

آمداوان جا دور ايستاد
مر عمررا ديد و لرزه برفتاد

(قاصد اتي آيو، مگر پري بيهي رهيو جان ته حضرت عمر رضي الله عنه کي ڏسڻ سان ڏڪڻ ۾ پئجي ويو)

هيبت زان خفته آمد بر رسول
حالت خوش کرد بر جانش نزول

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

(ستل کان قاصد تي رعب طاري ٿي ويو، وري به پنهنجي جان تي خوشي آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين).

مہر ہیبت ہست ضد ہم دگر
این دو ضد راجع دید اندر جگر

(محبت ۽ خوف هڪ بي جا ضد آهن، مگر هن ٻنهي کي وجود ۾ گڏ ڪري ڇڏيو)

گفت باخود من شهانرا دیده ام
پیش سلطانان نامہ بگردیده ام

(چوڻ لڳو مون بادشاهن کي ڏٺو آهي، بادشاهن جي اڳيان خط آندا نيا اٿم)

از شهانم ہیبت وتر سے نبود
ہیبت این مرد هوشم رارابود

(کنهن به بادشاه کان خوف ۽ رعب نه ٿيو، مگر هن مرد جي رعب ته منهنجو عقل کسي ڇڏيو آهي.)

بے سلاح این مرد خفتہ بر زمین
من بهفت اندام لرزان چیست این

(بغير هٿيارن جي هر مڙس زمين تي ستو پيو آهي، ته به منهنجا ست ئي عضوا ڏکن پيا هن جو سبب ڇا آهي؟)

ہیبت حق است این از خلق نیست
ہیبت این مرد صاحب دلق نیست

(حقيقت هي آهي ته هي حق جو رعب آهي نه ڪي خلق جو، هي هن گودڙي واري مرد جو رعب نه آهي.)

ہر کہ ترسید از حق و تقویٰ گزید
انس و ہر کہ دید ترسد ازوی جن و

(جيڪو خدا کان ڊنو ۽ پرهيز گاري اختيار ڪيائين، ان کان جن ۽ انسان ته ڊڄندا بلڪ جيڪو انکي ڏسندو سو ڊڄندو.)

نقل 31: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ڏٽي جي شهر کان فقيرن جي دعوتن تي گهونيءَ جو ڪنارو وڃي امام واهه ۽ ڪير کان اڳتي هليا! ۽ مون کي تپ هو. ڪي فقير ڏٽي ۾ رهيا ته ڪي ديهه ڪير

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

۾! ان ڪري مون حضور ۾ حاضر ٿي فقيرن جي خبر عرض ڪئي، پاڻ هي خبر ٻڌي گهوڙي تان لهي پيا ۽ ٻيا سوار به لهي پيا ۽ مون کي پنهنجي گهوڙي تي سوار ڪري پاڻ اڳيان پيادا هلندا رهيا ان وچ ۾ هي سنڌي بيت عرض ڪيم:

ڪن ڪر جي ڪلمو، سپ ڪنهن سٽ لاءِ
فڪر سو ڦيراءَ، تهمت کي حق چوي!

جواب ۾ فرمايائون تون ڪيئن ٿو سمجهين مون چيو لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پاڻ فرمايائون "لَا" ڪجهه به نه آهي اِلَّا اللّٰهُ ئي سپ ڪجهه آهي.

نقل 32: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ فقيرن جي دعوت تي بهادر فقير نظاماڻي جي ٽنڊي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا! اتي سندن حضور ۾ لنواري وارن بزرگن جي مريدن جي ڳالهه نڪتي! مون عرض ڪيو ته حضرتا مان مير ميان ڪرم علي خان سان گڏ لنواري ويو هيس، اتي انهن فقيرن جي عجيب عادت نظر آئي جو بزرگ جي حضور ۾ ڪين ماڻ ڪان سواءِ ڪوبه ڪم نه هو.

پاڻ ڪريم فرمايو ته ڪعبي ڏانهن رجوع تيستائين آهي، جيستائين ڪعبي جو دخول نصيب نه آهي! جڏهن داخل ٿيڻ جي دولت حاصل ٿي وئي، پوءِ جنهن طرف رجوع ڪري اختيار وارو آهي ۽ مقرر طرف ڏانهن منهن ڪرڻ ڪان ڇڏي ڏيو!.

نقل 33: هڪ ڏينهن درگاهه مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! مون کي نه علم نه عقل نه ئي ادب آهي پوءِ مونکان طلب جي پورائي ڪيئن ٿيندي؟ پاڻ ڪريمن جواب ۾ فرمايو:

خبرون ڏيندءِ ڪيڏيون ۽ لس ليون لاٽا،
هتان کي هوت لنگهيا ڪٿوري هاٽا

پوءِ جڏهن سڪر ۾ اچي ويم ان وقت هر موجد شيءِ انا الحق (مان حق آهيان) جو نعرو هنيو ٿي ۽ ٻڌڻ ۽سمجهڻ ۾ آيو پي، ۽ سيني شين ۾ مطلق وجود جي ڪثرت نظر آئي ٿي، مولانا عبدالرحمان جامي رحمة الله عليه فرمايو ته:

همسايه وهم نشين همره همه اوست
در دلق گدا و اطلس شه همه اوست

(پاڙيسري، گڏ ويهندڙ ۽ ساٿي سپ اهو آهي، پينوءَ جي گودڙي ۽ بادشاهه جي بخمل ۾ سپ ڪجهه اهو آهي.)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاهه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

در انجمن فرق نها نخانه جمع
باللہ ہمہ اوست ثم باللہ ہمہ اوست

(فراق جي گھٽائي ۽ وصال جي هيڪڙائيءَ ۾، خدا جو قسم، خدا جو قسم سچ اهوئي آهي!)
هڪ ٻي بزرگ ٻه اهڙي طرح فرمايو آهي:

یکذرہ ندیدم ز خورشید سوا
ہر قطرہ آب است عین دریا

(سج کان سواءِ هڪ ذرو ٻه نہ ڏٺم، هر قطرو پاڻيءَ جو عين درياه آهي)

حق رابچہ نام کس تواند خواندن
اسم کہ ہست ہست زاسما ئے خدا

(حق کي ڪنهن ٻه شخص جي نالي سان سڏجي تہ اهو نالو اللہ جو ئي نالو آهي)

حق جان جہان است جہان جملہ بدن
توحید ہمین است و دیگر شیوہ و فن

(حق، جهان جي جان آهي ۽ جهان، سڄو بدن آهي، توحيد اهائي آهي باقي ٻيو سڀ مڪر ۽ ٺڳي آهي؟)

این جہان صورتست معنٰی دوست
گر بمعنٰی نظر کنی ہمہ اوست

(هي جهان حقيقت ۾ دوست جي صورت (جو مظهر) آهي، جيڪڏهن حقيقت سان ڏسندين تہ سڀ ڪجهه اهوئي آهي)

شاه عبدالطيف ڀٽائي رحمۃ اللہ علیہ ٻه فرمايو آهي:

جر ٿر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي
سيئي شيءِ ٿيا، سوري سزا وار
همہ منصور هزار، چاڙهي چاڙهيان ڪيترا!

(يعني هر شيءِ مان هڪ ئي آواز ٻيو اچي ۽ سيئي سوري تي چاڙهڻ جا لائق ٿي ويا، سيئي منصور ٿي ويا، سوري تي ڪيترا چاڙهي چاڙهجن؟)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه به فرمايو آهي:

ساجن جن سڪ ري ڪنهن نہ ڪاڍو ڪيڏهين
پڇيم پير پري تہ، چوڏس منهن منصور!

(يعني معشوق جي ڪشش ڪانسواءِ ڪنهن کي به طلب جي جاءِ نہ آهي! پير پري وڃي پڇيم تہ چؤطرف منصور ئي منصور نظر آيا)

نقل 34: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جيسلمير جي سفر کان موٽ تي ريگستان ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي خليفو محمد حسين ۽ آئون ٻئي حاضر هئاسون، پاڻ ڪريم بيان فرمائي رهيا هئا تہ مرد اهو آهي جيڪو دل جي واڳ کي سڏو جهلي جيڪو دل جي واڳ مضبوط ڪري ونندو اهو آسمان کي به ڦاڙي سگهي ٿو! پوءِ مون کي ڪثرت يعني موجودات جون صورتون وحدت جي فڪر ۾ اچي ويون هيون اهڙي طرح چئن ڏينهن کان بعد ڪثرت بلڪل هلي ويئي ۽ وحدت باقي رهي!

نقل 35: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن کي عرض ڪيم تہ حضرتا! مجاز جي خيال ۾ ڦاٽو آهيان پنهنجي مهرباني سان انکان ڇڏايو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ تنهنجي نظر مطلق وجود تي آهي مقيد تو کي مانع نہ ٿيندو!

نقل 36: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ ويٺو هوس! پاڻ آيت سڳوري: "حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَ الصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى" (سورة البقره: آيت ٢٣٨) جي معنيٰ بيان ڪندي فرمايائون تہ وسطيٰ نماز (ٽيپهري نماز) مان مقصد آهي فناء ذاتي ۽ ان تي محڪم رهڻ!

نقل 37: هڪ دفعي مون کي اهڙو حال پيو جو ان حالت ۾ پنهنجي شيخ ڏانهن متوجہ ٿي نٿي سگهيم، ان ۾ سمجهيائون پي تہ تنهنجي شيخ کي به انڪري فيض آهي! پوءِ اها ڪيفيت قاضي عبدالرحمان نصرپور واري سان (جيڪو پير سائين جن جو مريد هو) بيان ڪيم! قاضي صاحب چيو تہ ائين ٿيٽو نہ آهي، متان غير ڪشف ٿيو هجي! مون چيو تہ حقيقت ائين ئي آهي، جيئن مان چوان ٿو! هن انڪار ڪيو، مگر ڪجهہ مدت کان بعد اچي چيائين تہ ڪجهہ حقيقت تنهنجي مون کي به وقوع ٿي تہ جڏهن حضرت نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن معراج تي ويا‌پي ۽ عرش کي وڃي ويجها ٿيا، تڏهن توقف فرمايائون، ان جاءِ تي حضرت غوث الثقلين جي روح اچي ڏاڪڻ جي بجاءِ پنهنجو ڪلهو پيش ڪيو! حضرت نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن پنهنجو قدم مبارڪ حضرت غوث الثقلين جي روح جي ڪلهي تي رکي اڳتي وڌيا. مون عرض ڪيو تہ توهان جي سمجهہ ۾ به خلاف آيو آهي، ائين نہ آهي پر ائين آهي، جيئن مان چوان ٿو: ان کان بعد قاضي صاحب چيو تہ اها ڪيفيت پاڻ ڪريمن جي حضور ۾ بيان نہ ڪجانءِ متان غيرت کان توکي ان مقام کان هٽائين! مون چيو اي قاضي! تون چريو آهين، هي جو ڪجهہ آهي اها

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

انهن جي تہ عنايت آهي پنهنجي گهران نہ آندي اٿم.

نیا وردم از خانہ چیزے نخست
تو دادی ہمہ چیز من چیز تست

(مون گهران ڪا بہ شيءِ نہ آندي هئي، سڀ شيون توئي ڏنيون، اهي سڀ ۽ آئون بہ تنهنجو آهيان!)

ان کان بعد سڄي ڪيفيت حضرت پير سائين جن جي اڳيان اچي ظاهر ڪيم! پاڻ فرمايائون تہ حق ائين ئي آهي، جيئن توکي سمجهايو اٿن. هاڻي جو ڪجهہ رجوع ڪرين پاڻ ڏانهن ڪجانءِ!

نقل 38: حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ شروعات ۾ هن ڀانهي جو هي حال هو، جو جيڪڏهن ڪو دعوت يا ڪنهن ڪم لاءِ گهرائيندو هو تہ آئون ان کي حق سمجهي ان جي پڻيان ويندو هوس! جيتوڻيڪ بہ ٽي دفعا کاڏو هجيم، تہ بہ انڪار نہ ڪندو هوس! جڏهن اها حقيقت پاڻ ڪريمن کي معلوم ٿي تہ پاڻ مون کي فرمايائون تہ تون جز نہ آهين ڪل آهين. پوءِ هر فرد تنهنجو جز آهي ۽ جز ڪل جو تابع هوندو آهي ۽ ڪل ڪنهن جو تابع نہ هوندو آهي!

نقل 39: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضرت ميان صاحب جن فرمائيندا هئا، تہ جيڪڏهن حضرت مخدوم صاحب ﷺ جن حضور ۾ توحيد ۽ اسرار جو بيان هلندو هو، تہ آخر ۾ ڪتاب مان شريعت جي موافق بيان فرمائي ڇڏيندا هئا! ۽ سفر ۾ اسان مان ڪوبہ مخدوم صاحب جن کي پهچي نہ سگهندو هو! مگر جڏهن مون کي ساڻن اڪيلائي نصيب ٿيندي هئي تڏهن پاڻ هلندي توحيد جي اسرار ۽ معارف جو بيان فرمائيندا هئا!

نقل 40: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ خزان جي هوا سڀني وڻن جي پنن ۾ اثر ڪري ٿي پر ڪجيءَ جي پنن ۾ اثر نٿي ڪري انجو سبب هي آهي تہ: ڪجيءَ جون پاڙون هيٺين پاڻي تائين پهتل هونديون آهن!

اي عزيز! پاڻ ڪريمن جي مضمون مان معلوم ٿيو تہ سالڪ پنهنجي وجود کي توحيد جي درياهہ ۾ غرق ڪري، حقيقي وجود حاصل ڪندو آهي ۽ زماني جي حادثن کان جيڪي خزان جي هوا وانگر آهن امن ۾ هوندو آهي ۽ ٻيا خواه عالم هجن يا زاهد وغيره سڀئي ٻين وڻن وانگر زماني جي حادثن ۾ پنهنجي دامن بچائي نٿا سگهن!

نقل 41: حضرت پير سائين جن توحيد جو بيان فرمائيندي فرمايو تہ الله تعاليٰ جل شانہ هر شيءِ تي قادر ۽ غالب آهي، پر پنهنجي ذات تي نہ! جنهن مان مراد اهي وجود آهن، جيڪي ذات حق ۾ گم ٿي ويا آهن ۽ الله جل شانہ جي وجود کان سواءِ ڪوبہ وجود نہ رکندا آهن! هتي مولويءَ مثنوي ۾ فرمايو آهي:

از خودی رستی ہم حق گشتہ
رفت ظلمت نور مطلق گشتہ

(خودي کان چٹين تہ سڃو حق ٿي وئين، انڌيري هلي وئي هي مطلق نور ٿي پئين)
هڪ ٻئي بزرگ کھڙو نہ سنو چيو آهي

چنان غرق گشتم بدریائے وحدت
کہ تاروز محشر کنارے ندارم

(وحدت جي درياھ ۾ اھڙو غرق ٿي ويس، جو قيامت تائين کو ڪنارو نہ لهي سگھندم!)

نقل 42: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ سڪر جي غلبي کان ابتدا ۾ ائين معلوم ٿيندو هو تہ نماز هڪ قسم جو جزيو آهي (غير مسلمن تي هڪ ٽيڪس) جڏهن اسان جي اها حالت حضرت ميان صاحب جن کي معلوم ٿي! تڏهن بي نمازين جي سخت مذمت ۽ شڪايت بيان فرمايائون، ان کان بعد يقين ڪيم تہ اسان جو اڳيون مطلب سڪر سبب هو ۽ نماز ادا ڪرڻ جزيہ وانگر نہ آهي! اهڙي طرح حضرت ميان صاحب جن جي برڪت سان الله سبحانه تعاليٰ صحيح حقيقت معلوم ڪرائي!

اي عزيز! حضرت پير سائين جن جي ادب جي ڪري ان راز کي ظاهر نٿو ڪجي تہ خود پاڻ ڪريمن راز کي ظاهر نہ فرمايو آهي.!

نقل 43: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حيوان ۽ جانور سجدو ڪندا هئا ۽ پٿر تسبيح پڙهندا هئا، ان ڪري ڪن صحابن سڳورن بہ سجدي جي اجازت گهري؟ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ سجدو ڪعبي جي طرف کان سواءِ ٻي طرف جائز نہ آهي! ان کان بعد پاڻ ڪريمن فرمايو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي طرف سجدي ڪرڻ جي منع ۽ ڪعبي مبارڪ جي طرف سجدو ڪرڻ جو حڪم هن حڪمت سبب هيو جو اجازت جي صورت ۾ هر خاص ۽ عام پنهنجي تعظيم لاءِ سجدو ڪرائي ها، اهڙيءَ طرح ڪامل ۽ ناقص جو فرق نہ رهي ها! ورنہ حقيقت ۾ ڪعبت الله شريف کي مسجوديت اليہ جو شرف ذات پاڪ نبي ڪريم ﷺ جي پاڻيچائي جي برڪت سبب آهي!

اي عزيز! جانورن ۽ پٿرن جو حضور نبي ڪريم ﷺ کي سجدو ڪرڻ يا ساڻن ڳالهائڻ پنهنجي اصل الاصول سبب هيو ۽ سندن اصل آهي حقيقت محمّدي حيوان ۽ غير مڪلف شيون پنهنجي اصل کان جدا ڪونہ ٿيون هيون!

پر انسان جيڪو ڪثرت جي فرق ۽ عقل معاشي سبب اصل کان جدا ٿي ويو هو، تنهن سجدي جي اجازت گهري تہ کين قطعي طرح روڪيو ويو! ها کين ڪعبہ ڏانهن سجدو ڪرڻ جو حڪم ڪيو

ڪنديہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ويو، اهو حڪم فقط انسان لاءِ آهي ٻين حيوانن ۽ عالم امر جي ارڙهن هزار جهان وارن لاءِ اهو حڪم نہ آهي، ڇو تہ اهي انسان وانگر عقل وارا نہ آهن. تنهن ڪري انهي حڪم جا مڪلف يا پابند بہ ڪونہ آهن!

پر جي انسان کي بہ معاشي عقل جي بجاء معادي عقل ۽ تفرقہ جي بجاء وحدت جي دولت ملي تہ پوءِ مٽس ظاهري ڪعبہ جي بجاءِ معنوي ڪعبو جلوہ گر ڪيو ويندو، تڏهن سندس سجدو بہ پي رنگ جو هوندو، طواف، صفا ۽ مروہ، حج وغيرہ سمورا پي قسم جا هوندا!

حضرت مولوي رومي رحمۃ اللہ علیہ مثنوي شريف ۾ اهڙي هڪ ڳالهہ آندي آهي، تہ جڏهن حضرت بايزيد بسطامي حج تي ويو تہ، رستي ۾ ڪيس هڪ ڪامل ٻانهو مليو، جنهن ڪيس پنهنجي چوڌاري طواف جو حڪم ڏنو جنهن جو تفصيل مثنوي معنوي ۾ هن ريت آهي:

گفت طوفی کن بگردم هفت بار
وان نکو تراز طواف حج شمار

(يعني ڪامل شخص ڪيس فرمايو تہ تون ست ڦيرا منهنجي چوڌاري چڪر ڪاٽ هي چڪر حج جي طواف کان بهتر سمجهہ!)

وآن در مها پيش من نہ ايجواد
دانکہ حج کردی و حاصل شد مراد

(اهي پئسا منهنجي اڳيان رک، پوءِ پڪ ڇاڙ تہ تو حج بہ ڪيو تہ مراد بہ حاصل ڪيئي!)

عمرہ کردی عمر باقی يافتی
صاف گشتی بر صفا بشتافتی

(عمرو ڪيئي ۽ باقي بہ عمر لڌئي، صاف ٿي چڪين ۽ گويا صفا جبل تي بہ ڊڪين!)

حق آن حقے کہ جانب ديده است
کہ مرا بربيت خود بگزيد است

حق جيڪو ڏنو اٿي ان جي طرف آهي، جو ان مون کي پنهنجي گهر کان وڌيڪ پسند ڪيو آهي!)

کعبہ هر چندیکہ خانہ براوست
اين دل من نيز خانہ سراوست

(ڪعبو ڪٽي سندس پاڪ جاء ۽ گهر آهي، مگر هي منهنجي دل تہ ان جي رازن جو گهر آهي!)

ڪنديہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چون مرا ديدی خدارا ديده
گرد ڪعبه صدق بر گرديده

(جڏهن مون کي ڏٺئي جڏڪ خدا کي ڏٺئي، ۽ صدق جي ڪعبي جي چؤطرف طواف ڪيئي!)

خدمت من طاعت حمد خداست
تانه پنداری که حق از من جداست

(منهنجي خدمت خدا جي حمد ۽ فرمانبرداري آهي ائين نه سمجهه ته خدا مون کان ڪو جدا آهي!)

چشم نيکو باز کن درمن نگر
تابه بيني نور حق اندر بشر

(نيڪي جي اک کولي مون ۾ ڏس ته بشر ۾ الله تعاليٰ جو نور نظر ۾ ايندءِ!)

نقل 44: سيد بچل شاهه ٽنڊي باگي جو رهندڙ نقل ڪري ٿو ته هڪ پيري درگاهه مبارڪ جي مسجد ۾ مون ۾ فقيرياٽين سان گڏ ويهي خدا جي طلب جون ڳالهيون ڪيم ٿي، ته پاڻ ڪريم لباس بدلائي اسان جي پويان ويهي وظيفو پڙهڻ لڳا، ايتري ۾ هڪ عورت ڪاوڙجي ڪين چيو ته تون وري ڪهڙو فقير آهين جو اسان جي پويان ويهي پڙهين ٿو؟ حضرت پير سائين جن ماڻ رهيا، فقيرياٽي وري به ڪاوڙجي ساڳيا اکر چيا، ايتري ۾ مون پاڻ ڪريمن کي سڃاڻي ورتو ۽ اڳي عرض ڪيم ته حضرتا ڪجهه مٺي ٿيو ته ڪپڙو وڃايان،ان تي تشريف رکو؟ ۽ مون کي دل ئي دل ۾ عورتن سان گڏ ويهڻ ۽ پاڻ ڪريمن جي ڏسي ونڻ جو خوف پيدا ٿيو! اگرچه پاڻ ۾ خدا جي طلب جو ذڪر ڪيو سون پئي! پوءِ پاڻ اٺ وقت آهستگي سان فرمايائون ته توحيد جو احوال اورجي، مگر انهن (عورتون) سان نه:

هرچه بيني دوست بين
باين و آنت کار نيست

(جيڪي ڏسين دوست ڏس، هن ۽ هن سان تنهنجو ڪو ڪم نه آهي)

نقل 45: هڪ سفر ۾ حضرت پير سائين جن لاءِ هڪ چونري ۾ کير ۽ پي ۾ پارڻ لاءِ ڪوڙو تيل وجهي ڪٽي آيا، ۽ ٻئي ڇؤنريون پاڻ ڪريمن جي ڪٽ جي هينان رکي ڇڏيائون. سمهڻ وقت پل ۾ موليڏني فقير کير جي بجاءِ وٽي ۾ تيل وجهي پير سائين جن کي پياري ڇڏيو. مگر پاڻ ڪريمن کيس ڪجهه به نه فرمايو! جڏهن موليڏني فقير ساڳي چونريءَ مان ميان قابل شاهه کي پياريو. تڏهن قابل شاهه چيو هي ته ڪوڙو تيل آهي، کير ته ڪونهي! موليڏني فقير چيو هي کير آهي ۽ آئون هاڻي پاڻ

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاهه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪريمن کي هن چونريءَ مان پياريو اچان پيو! ميان قابل شاھ چيو تہ تو تمام خراب ڪم ڪيو آھي، جو پاڻ ڪريمن کي تيل پياري آيو آھين، ھو ويچارو سخت پريشان ٿيو ۽ روئي حضرت پير سائين جن جي قدمن مبارڪن تي ڪري پيو. پاڻ فرمايائون تہ تنھنجو ڪوبہ ڏوھ نہ آھي، تون غمگين نہ ٿيءُ اسان حقيقي ڏيندڙ (اللہ پاڪ) جو ھٿ ڏسندا آھيون. اھو جو ڪجھ ڏيندو آھي سو سڀ منو ھوندو آھي.

نقل 46: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ ڪنھن شھر ۾ ابو سعيد رحمۃ اللہ عليہ نالي ھڪ بزرگ ھو ۽ پيو بہ ھڪ مولوي صاحب اتي ھو، جيڪو ھميشہ ان بزرگ جي گلا ڪندو ھو، ھڪ ڏينھن ان بزرگ پنھنجي مريدن کي چيو تہ اڄ اچو تہ عالم جي دروازي تي ھلون، مريدن عرض ڪيو تہ ھو ارادي وارو نہ آھي! بزرگ چيو تہ بہ ھلٽو ضرور آھي. پوءِ بزرگ مريدن جي جماعت سان ان عالم جي دروازي تي بيھي اطلاع ڏنائون! عالم اندران ڪاوڙ جي چيو تہ ھنن بي دينن کي اسان علم وارن سان ڪھڙو ڪم، چئونَ تہ گرجا ۾ وڃن؟ بزرگ ھنن جي ڳالھ ٻڌي مريدن کي چيو تہ اسان امر جا تابع آھيون ھلو تہ بت خاني ۾ ٽا ھلون! جڏھن عيسائين جي گرجا ۾ آيا تہ منجھس حضرت عيسيٰ ۽ حضرت بيبي مريم جون پٿر مان ٺھيل صورتون ڏنائون! بزرگ بتن کي ڏسي چيو تہ جيڪڏھن اللہ تعاليٰ کي حق ۽ حضرت عيسيٰ کي اللہ جو ٻانھو ۽ حضرت بيبي مريم کي اللہ جي ٻانھي ڪري ڄاڻو ٿا تہ سجدو ڪريو؟ بزرگ جي ان چوڻ شرط ٻئي بت سجدي ۾ ڪري پيا ۽ اتي جيڪي ستر عيسائي وينا ھئا، اھي سمورا اھا ڪرامت ڏسي اسلام کان مشرف ٿيا. پوءِ ان عالم جڏھن اھا حقيقت ٻڌي، تڏھن ان بزرگ وٽ اچي مريد ٿيو! ان کان بعد بزرگ چيو تہ ڪليم (ڳالھائيندڙ) جي حڪم سان بتخاني ۾ ويا سون، تہ ھي فائدو عظيم ھٿ آيو، تنھن ڪري متابعت ضرور ڪرڻ گھرجي!

نقل 47: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ جيڪڏھن ڪو ڪنھن کي خنزير چوي، تہ ان کي ڪاوڙ ڪرڻ نہ گھرجي، بلڪ ڳالھ چوندڙ جي ڳالھ کي معتبر سمجھي سوچي تہ مون ۾ ڪھڙي وصف خنزير جي آھي جو مون کي ان نسبت مان منسوب ڪيو اٿس!

نقل 48: ھڪ ڏينھن حضرت پير سائين جن توحيد جو بيان فرمايو مونکان پڇيائون تہ تون ڪيئن ٿو چوين؟ مون عرض ڪيو تہ حضرتا "ھمہ اوست" (يعني سڀ ڪجھ اھو آھي) پاڻ فرمايائون تہ لفظ "ھمہ اوست" جي حقيقت تي ڳالھائين ٿو يا صورت تي؟ مون عرض ڪيو تہ ٻنھي تي! پاڻ فرمايائون تہ ھڪ وڻ جي ڪل بہ پڇي انجو عين ٿي وڃي ٿي!

نقل 49: فيروز فقير نقل ڪري ٿو تہ ھيڪر پاڻ سيد محمد شاھ پلياھ (جيڪا چاچڪن جي پرسان ديھ آھي) جي رھندڙ وٽ ڪٽ مبارڪ تي وينا ھئا! مون عرض ڪيو تہ حضرتا! ٿوري مدت ٿي آھي، جو سوار ٿي آيا آھيون تہ سج لھڻ کي وڃي ويجھو ٿيو آھي! پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو تہ ھي لھڻ ۽ ايڙ

سڀ خيال آهي! اي عزيز! پير سائين جن جي ارشاد مان معلوم ٿئي ٿو ته طالب کي ان تي نظر نہ رکڻ گهرجي، چو ته هي ٻئي سبب آهن. مسبب کي ڇڏي سبب تي نظر رکڻ طالبن جو ڪم نہ آهي!

نقل 50: هڪ ڏينهن پير سائين جن کنهن سوالي جي ڪم سان خيرپور ۾ تشريف فرما ٿيا هئا! اتان لقمان فقير ٽالپر جي دعوت تي تشريف آندائون ۽ رات ٻه اتي رهي پيا، صبح جو ڪو درويش وڃي هڪ حقائي جو حقودائري ۾ پيڃي آيو، سو ان حقائي ڪاوڙجي پير سائين جن جي اڳيان اڇي سخت گندو ڳالهايائين! حقائي ڳالهائيندي پاڻ ڪريمن ڏانهن هٿ ڏڳها ڪري پٺ پاراتا ٻه ڏنا، مگر پاڻ فقط ڏانهنس ڏسندا رهيا ۽ ان کي چيائون ڪجهہ ٻه نہ! آخر هو خودبخود ماڻ ڪري هليو ويو!

اي عزيز! هدايت جي سج، خاڪ جي ذري تي نظر نہ آندي، بلڪ نظر وجود حقيقي (جيڪو مطلق وجود آهي) تي رکي خاڪ جي ذري کي وچ تي نہ آندائون! هن جاء چوندڙ ڪهڙو نہ سنو چيو آهي:

این است کمال، مرد راه یقین
در هر چه نظر کند خدارا بیند

(يقين واري مرد جو هي ڪمال آهي ته جنهن ۾ نظر ڪندو اتي خدا کي ڏسندو)

نقل 51: هڪ دفعي سفر ۾ حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ حاضر هيس، سلطان فقير عرض ڪيو ته حضرتا! الله تعاليٰ ڪا شيءِ ڪائي ٿو يا نہ؟ فقير ان وقت سڪر ۾ هو ۽ انجو سوال ٻه ان منزل جو هو! منتهي (ڪامل) جي لاءِ ضروري آهي ته هر منزل واري طالب کي ان جي سوال جو جواب ٻه ان منزل جي مناسبت سان ڏئي! پوءِ پاڻ ڪريمن فقير جي جواب ۾ هي بيت پڙهيو:

الله ان نہ ڪائي ڳپل سڃائي ڳهي
سپريان جي ساءِ، ڪني ۾ ڪين ڇڏي!

نقل 52: هيڪر پاڻ حديث قدسي جو ذڪر ڪيل بيان فرمايائون ته الله تعاليٰ مؤمن ٻانهي کي اهڙو دوست رکي ٿو، جو ٻانهي جي ڳالهائڻ، هلڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کي ٻه پاڻ ڏانهن نسبت فرمائي ٿو! اها حديث ان سالڪ جي حال سان تعلق رکي ٿي جيڪو اقوال افعال، ابصار ۽ پنهنجن سمورن صفتن کان فنا ٿي، حق سان باقي رهيو هجي.

نقل 53: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن توحيد جو بيان ڪندي فرمايو ته هيٺ ۽ مٿي سڃي ۽ ڪپي اڳيان ۽ پويان، هر جاءِ تي اهو آهي! هتي هي سنڌي ڪلام فرمايائون: تون ڪٽ، تون واڍ، تون واڍيندڙ، تون ويهہ، اهو مقولو هن طالب جي حال موافق فرمايائون جيڪو ان وقت "سڪر" حقيقي ۾ هو!

نقل 54: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ درويش حضرت مخدوم صاحب

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جن کان پڇيو تہ سڀ ڪجھ اھو آھي ڇا؟ پاڻ فرمايائون ھا. ھمہ اوست! پوءِ وري عرض ڪيائين تہ ڪتو بگھڙ گدڙ سيئي؟ مخدوم صاحب جن جواب ۾ فرمايو تہ جيڪو انھن کي ڏسي سو بہ "ھمہ اوست" ھر جاءِ تي اھو آھي ان کان سواءِ ڪوبہ نہ آھي:

بہ ہر جائے ہمہ اوست غیر اونیست
غیر تش غیر در جھاں نگذاشت

(سڀ اھو آھي ڪنھن جاءِ ۾ سندس غير ڪونھي، ان جي غيرت جھان ۾ غير کي ڪونہ ڇڏيو آھي!)

لا جرم جملہ عین اشیا گشت
نام من بر من است باقی ہمہ اوست

سيني شين جي اصلي حقيقت اھو آھي، مون تي منھنجو صرف نالو آھي، باقي سڀ ڪجھ اھو آھي.

نقل 55: عبدالله فقير ابڙو نقل ڪري ٿو، ھڪ دفعي آئل فقير مستيءَ جي غلبي کان ٿي ڏينھن نماز نہ پڙھي! جماعت مان ڪنھن ماڻھوءَ حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! آئل فقير ٽن ڏينھن کان وٺي نماز نہ پڙھي آھي! پاڻ ڪريمن حڪم فرمايو تہ انکي مسجد شريف مان ٻاھر ڪڍي ڇڏي. جڏھن فقيرن آئل فقير کي چيو تہ مسجد شريف مان ٻاھر نڪري وڃ، چيائين نٿو نڪران! فقير انکي گھيلي ٻاھر ڪڍيو ۽ ان وقت چادر بہ ڦاٽي پيس ۽ جسم بہ رھڙجي ويس ۽ وري واپس اچي مسجد شريف ۾ ويھي رھيو ۽ اھو جمعي جو ڏينھن ھو. پير سائين جن وعظ کان فارغ ٿي آئل فقير جي پرسان اچي کيس پاڪر پائي آھستي مسجد شريف مان ٻاھر ڪڍي ويا، ۽ قابل شاھ ڪؤنرو پري کيس وضو ڪرايو! پاڻ ڪريمن کيس ڪن ۾ آھستي فرمايو تہ بغير منھنجي خدا کي نہ ڏسجانءِ. پوءِ مسجد شريف ۾ وٺي اچي نماز پڙھايائونس. ھن جاءِ تي ھڪ بزرگ چيو آھي:

سالہا در پائے پیران سجدہ می کردم ولی
عاقبت در چشم خود انسان کامل یا فتم

(ڪيئي سال پيرن جي اڳيان مون نوڙت پي ڪئي، پر آخر پنھنجو پاڻ ۾ ڪامل انسان لڌم!)

اي عزيز! ھن وسيلي جي تعلق ڪانسواءِ خدا کي ڏسي نہ سگھبو! جيئن الله سبحانه و تعاليٰ پنھنجي ڪلام پاڪ ۾ فرمايو آھي:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ (سورة آل عمران: آيت ٣١)

حضرت پير سائين جن آئل فقير کي جو فرمايو تہ بغير منھنجي خدا کي نہ ڏسجان؟ يعني

بغير متابعت (جنهن جو اشارو فَاتَّبِعُوْنِیْ یُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ ۾ وارد ٿيل آهي) ۽ بي توسل منهنجي خدا تعاليٰ کي ڏسي نه سگهندين!

نقل 56: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته جيڪو شخص "انا الحق" جي حال جو هوندو، ته اها حالت سندس اقوال ۽ اخلاق مان ثابت ۽ ظاهر ٿيندي آهي. ۽ باقي جيڪي زبان سان مدعي آهن ۽ کين حال نه هوندو آهي، اهي حيران ۽ خوار ٿين ٿا. هن جاءِ تي پير سائين جن فرمايو ته مسلمانن جي انا تي کل نه هوندي آهي ۽ ڪافرن جي انا تي کل هوندي آهي!

اي عزيز! حضرت پير سائين جن جي مٿين ارشاد ۾ معرفت جو نڪتو آهي "انا" مان مراد انا الحق جي آهي، جو بعض ولي هن جاءِ تي اچي بيخودي۽ ۾ "انا" جو لفظ زبان تي آڻيندا آهن. جيئن منصور حلاج چيو ۽ "انا" ڪافرن جي زبان مان به هوندي آهي، جيئن فرعون ۽ ٻيا ڪافر! جن پاڻ کي "اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰی" (سورة النّٰزعٰت: آيت۲۴) چيو ۽ انهن جي جهٽڪ لاءِ ڪلام پاڪ ۾ بيان آيل آهي ته "وَ اَغْرَقْنَاۤ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ" (سورة البقره: آيت ۵۰) (يعني اسان فرعونن کي ٻوڙيوسون توهان ڏسي رهيا هئا.)

نقل 57: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي مينهن جي موسم ۾ درگاه شريف تي وينا هئاسون، ۽ مينهن وسيو پئي ته حضرت پير سائين جن اچي مصلي جي مٿان وينا، انهن ڏينهن ۾ مون کي سڪر جي حالت هئي، سو ڏينيو ونی پاڻ ڪريمن جي هٿن مبارڪن ۾ رکيم ۽ پڇيم ته حضرتا! هي ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته تون ڇا ٿو سمجهين؟ مون عرض ڪيو ته همه اوست! پر پين لاءِ قهاري صفت ۾ آهي ۽ اسان سان مهربان ۽ نرم! پير سائين جن هي ڳالهه ٻڌي مرڪيا، ۽ فرمايائون ته هي ڳالهه سني آهي، جو اسان به ننڍي هوندي حضرت ميان صاحب جن جي حضور ۾ نڪتا بيان ڪندا هئاسون، ۽ حضرت ميان صاحب جن گهٽو خوش ٿيندا هئا. پوءِ مون کي فرمايائون ته طالب کي گهرجي ته نڪتن جي نگهباني ڪري ۽ پنهنجي وجود ۾ به "همه اوست" ڏسي، پوءِ پنهنجو هٿ اڇيان رکي فرمايائون ته ڏس پنج آڱريون الله جو نالو آهي، يعني آڱوٺو الف آهي ۽ وچ واريون ٽي آڱريون به لام آهن ۽ ننڍڙي آڱر ها آهي، ۽ فنا في الله اهو آهي! پوءِ فرمايائون ته انسان جو سڄو وجود الله جو نالو آهي يعني ساڄو بازو الف آهي ۽ ڪپو بازو ۽ به پير به لام آهن ۽ مٿو ها آهي! هي اسم ذاتي ۽ محمدي (ﷺ) جو نالو به اهو آهي يعني مٿو هڪ ميم آهي ۽ حا به بازو آهن ۽ چيلهه ٻيو ميم ۽ ٻئي گوڏا دال آهن! طالب کي گهرجي ته هنن سيني جهانن کان واقف هجي!

این جهان صورت است معنیٰ دوست
ور بمعنیٰ نظر کنی همه اوست

(هي جهان حقيقت ۾ دوست جي صورت (جو مظهر) آهي! ۽ جيڪڏهن حقيقت سان نظر ڪندين تہ مڙوئي اهو آهي!)

نقل 58: هڪ ڏينهن محمد وارث نالي فقير مجذوب سڪر جي حال ۾ هو. نماز پڙهندي ثنا ۽ قرآن شريف پڙهڻ جي بجاءِ وات سان چاپا ڪيائين پئي، جڏهن سجدي ۾ ويو، تڏهن پاڻ ڪريمن کيس فرمايو تہ جهڙي طرح نماز ادا ڪرين ٿو آخرت ۾ اجورو بہ اهڙوئي ملندءِ! فقير سجدي جي حالت ۾ جواب ڏنو تہ مون کي هن جو اجورو نہ ڪپي نہ کپي!

نقل 59: سيد غني شاه نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن آئون حضور ۾ بينو هوس، ۽ حضرت پير سائين جن پنهنجي نماز ادا ڪري رهيا هئا ۽ هن ٻانهي پاڻ ڪريمن جي اڳيان اچي ڪعبہ شريف جي بجاءِ سندن منهن مبارڪ ڏانهن، منهن ڪري نماز شروع ڪئي! پير سائين جن فرمايو هي ڇا ٿو ڪرين؟ مون چيو نماز پڙهان ٿو پاڻ فرمايائون تہ اولهہ ڏي منهن ڪري پڙهہ عرض ڪيم تہ حضرتا! اولهہ جي طرف تہ محض پاڻي ۽ مٽي جي ديوار آهي، توهان خود خدا آهيو پاڻ فرمايائون تہ هن کي مسجد شريف مان ٻاهر ڪڍي ڪپڙي سان نم جي وڻ ۾ مضبوط ٻڌي اچو.

پاڻ ڪريمن جي حڪم مطابق فقيرن ائين ڪيو، انهي وقت سندن توجہ مبارڪ ۽ برڪت سان مون تي وجد طاري ٿي ويو ۽ اهو ڪپڙو قاڙي اچي پير سائين جن جي پويان نماز ادا ڪيم!

نقل 60: ٺارو فقير نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ ڪنهن ماڻهو دعا لاءِ سوال ڪيو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ مٽيءَ کي ڪهڙو اختيار آهي؟ بلڪ مٽي خود ڪنبر جي اختيار ۾ آهي! جنهن طرف ڦيرائي ان طرف ڦري، جيڪي وٽيس ان مان ٺاهي.

اي عزيز! پاڻ ڪريمن جو هي ارشاد، اشارو آهي فنا ڏانهن جو سالڪ بي اختيار ٿيندو آهي ۽ پاڻ کي بي اختيار ۽ پٽر سمجهندو آهي ۽ سيئي فعل ۽ صفتون الله تعاليٰ ڏانهن منسوب ڪندو آهي.

نقل 61: طيب فقير راهو نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ جڏهن اسان خليفي سارنگ کي خلافت جو اجازو ڪيو، تڏهن خليفي پهرئين پيري ئي ڪجهہ مريد ڪيا ۽ چند مريدن سان گڏ درگاهہ مبارڪ تي آيو. اسان کائونس پڇيو تہ خليفا! ڪيترن مريدن توهان کان رستو پڇيو آهي؟ خليفي چيو تہ حضرتا گهٽن ئي پڇيو آهي، ڪجهہ حاضر آهن، کي پنهنجي جاين تي آهن، مون انهن سڀني کي الله تعاليٰ ۽ اوهان جي حوالي ڪيو اسان کيس چيو خليفا! بہ نہ ڪر هڪ ڪر. (يعني دوئي کي ڇڏ هڪ ثابت ڪر)

نقل 62: فقير محمد ملاح علي پور (لڳ اوڏيچاڻي) جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ درگاهہ مبارڪ تي منهنجا کي عزيز زيارت کان مشرف ٿيڻ لاءِ ويا، ۽ انهن مريدن کي بہ درگاهہ تي هلڻ جي دعوت ڪيائون، جيڪي طريقي عاليہ ۾ نوان داخل ٿيا هئا. حضرت پير سائين جن تشريف فرما ٿي کين

فرمايو تہ ڪيترا نوان ماڻهو آندا اٿو" هنن عرض ڪيو تہ حضرتا! ايترا آندا اٿئون جو هن جاءِ تي نہ ماپندا. پاڻ فرمايائون تہ هي جاءِ سڄي جهان کي ماپائي سگهي ٿي.

اي عزيز! انسان ڪامل ڪل آهي ۽ سيئي جهان ان جو جز آهن. جز کي پنهنجي اصل وٽ ڪابہ تنگي نہ هوندي آهي. ڪامل انسان جي دل بي پايان درياهہ وانگر آهي ۽ هي جهان علوي سفلي هڪ ڦڙي وانگر آهي ۽ هڪ ڦڙو بي پايان درياهہ ۾ پوڻ سان ڪهڙو وزن وڌائيندو جو درياهہ کي تنگ ڪري وجهي!

نقل 63: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن نقل ارشاد فرمايو تہ پاڇي وڻ کي چيو تہ تون سڄ جي چمڪ دمڪ ۽ ڇانو جو مزو ونين ٿو. ۽ مان تنهجو پاڙيسري آهيان ڪڏهن انهيءَ مزي ۾ مون کي بہ تہ پاڳي پائيوار ڪر؟ وڻ چيو تہ پاڇا! هي مزو مون کي ان ڪري نصيب ٿيو آهي، جو سڄو ڏينهن پير تي بينو رهان ٿو ۽ تو وانگر نہ. جو ڪڏهن اوپر تہ ڪڏهن اولهہ ڦرين ٿو! ٻيو تہ تون اها مسخري ان ڪري ڪرين ٿو جو آئون قائم آهيان ۽ تون منهنجي ڪري قائم آهين. جي منهنجو وجود نہ هوندو تہ تون بالڪل نہ رهندين:

باوجودم وجود تو قائم
گرنباشم نہ باشی تو دائم

(منهنجي ڪري تنهنجو وجود قائم آهي. جيڪڏهن آئون نہ رهان تہ تون هميشہ ڪونہ رهندين)

سمجهڻ گهرجي تہ هي صورتون حقيقي وجود جي ڪري موجود آهن. جيڪڏهن حقيقي وجود نہ رهي تہ پوءِ هي ڪثرت وهمي ڪٿان سمجهہ ۾ ايندي ۽ ڪيئن قائم رهندي!

اين جهان صورت است معلٰی دوست
ور بمعلٰی نظر کنی همہ اوست

(هي جهان حقيقت ۾ دوست جي صورت (جو مظهر) آهي. جيڪڏهن حقيقت سان نظر ڪرين سڀ ڪجهہ اهو آهي.)

نقل 64: حضرت پير سائين جن ڪڏهن ڪڏهن منهنجي سکر واري حالت ۾ مون کان منهن ڦيرائي ناراض ٿي چوندا هئا:

نماز پڙهڻ ريت رنا ندي روزا صرفا روٽي،
ولول ڪلما اهي پڙهن دل جنهاندي ڪوٽي،
مڪي سيئي وڃن، جي گهردي هوون ٽوٽي!

اي عزيز! نماز بہ قسم آهي، هڪ صورت پوڄيندڙن جي، جنهن کي عابد پڙهندا آهن، جيڪي بهشت، حورن ۽ ماڙين جي طلب ۽ دوزخ ۽ آخرت جي عذاب کان ڇٽڻ لاءِ، رڪوع قيام، قعدو، رڪوع ۽ سجدي ۾ مشغول آهن ۽ ڪوبہ باطني ذوق نہ ٿا رکن:

نماز عابدان رکوع و سجود است
نماز عارفان ترک وجود است

(عابدن جي نماز سجدو ۽ رڪوع آهي، عارفن جي نماز وجود کي ڇڏڻ آهي!)

۽ ٻي نماز عارفن جي آهي ۽ پاڻ انهي بابت پنجابي جا هي لفظ فرمائيندا هئا:

"وَل وَل سجدا اٿان ڪرين، جٹان يار پيارا"

(يعني هر هر سجدو اتي ڪر جتي يار هجي) ان مان مراد آهي پنهنجي نفس کي سجاڻڻ "مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ" جنهن پنهنجي نفس کي سجاتو، بيشڪ انهي الله کي سجاتو. ۽ فرمايو اٿن تہ نمازي نيت وقت هٿ پنهنجي ڪنن تي رکي، مٿو ٻن ٻانهن جي وچ ۾ آڻي ٿو ۽ رڪوع ڪرڻ وقت هٿ گوڏن تي رکي، مٿو ٻن ٻانهن جي وچ ۾ آڻي ٿو ۽ پنهنجي پير جي پٽيءَ کي ڏسي ٿو ۽ سجدي ڪرڻ وقت نگاهہ پنهنجي نڪ ڏانهن ڪري ٿو ۽ قعدي ۾ پنهنجا هٿ گوڏن تي رکي ٿو ۽ سلام ڏيڻ وقت ٻنهي طرفن سڄي ۽ ڪبي ڏسي ٿو، نماز ۾ سڄي نسبت پاڻ ڏانهن آهي ٻئي طرف نہ آهي:

کسے گويد کی حق صورت نہ بندد
من اينک ديد ہ ام ذات مصور

(جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوي تہ حق صورت کان پاڪ آهي، اهو ٻڌي ڇڏي تہ اجهو مون صورت ناهيندڙ کي ڏٺو آهي)

حق جان جهان است جهان جمله بدن
توحيد همين است ديگر حيله و فن

(حق جهان جي جان آهي ۽ سڄو جهان بدن آهي، هي ئي توحيد آهي ٻيو سڀ ڏوکو آهي)

۽ روزو بہ بہ قسم آهي هڪڙو ڪائڻ پيئڻ ۽ منع ڪيل شين کان رکجڻ. ٻيو روزو جيڪو دل وارن وٽ راز آهي، اهو حق کي ڏسڻ آهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ: صُوْمُوْا لِرُؤْيَتِهٖ وَاَفْطِرُوْا لِرُؤْيَتِهٖ (يعني ان جي ڏسڻ سان روزو رکو ۽ ان جي ڏسڻ سان روزو کوليو) ۽ ڪعبي جي وڃڻ جو حڪم

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

به انهن کي آهي جيڪي بي همتي سبب حقيقي ڪعبي، يعني دل کي گم ڪري، صوري ڪعبي جي وات ورتي اٿن. چوندڙ ڪهڙو نه چگو چيو آهي؛

دل بدست آور کہ حج اکبر است
از ہزاران کعبہ یک دل بہتر است

دل راضي ڪر جو اڪبري حج آهي، ۽ هزار ڪعبن کان هڪ دل بهتر آهي!

دل گذر گاہ جلیل اکبر است
کعبہ بنگاہ خلیل آذر است

دل الله جي رهڻ جي جاءِ آهي، ۽ ڪعبو آذر واري خليل جو ناهيل آهي.

حضرت پير سائين جن جو هي خط مبارڪ به انهي حقيقت جو ئي تفصيل آهي.

خط مبارڪ

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ الَّذِیْ ھَدَانَا لِھٰذَا وَمَا کُنَّا لِنَھْتَدِیَ لَوْلَا اَنْ ھَدَانَا اللّٰہُ لَقَدْ جَآئَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی مَنْ اِسْمُہُ الَّذِیْ وَ اَحْلٰی مِنَ الْعَسَلِ لِمُشْتَاقِ زُلَالِ وَصَالِہٖ وَ عَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ، اَمَّا بَعْدُ فَالسَّلَامُ عَلَیْکُمْ وَرَحْمَۃُ اللّٰہِ وَبَرَکَاتُہٗ (يعني هر ڪا تعريف الله جي واسطي آهي جنهن اسان کي هدايت بخشي، سندس مهرباني نه هجي ها ته اسان هدايت حاصل ڪري نه سگهون ها، بلاشڪ اسان جي رب ڪريم جل شانه جي رسولن حق آندو صلوات ۽ سلام انهي ذات پاڪ تي جنهن جو نالو سندس وصال جي مشتاق وٽ بيحد لذيذ ۽ ماکي کان مٺو آهي، ۽ سندس اولاد ۽ صحابين تي پڻ! حمد ۽ ثنا ڪانپوءِ السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته عبدالرحيم منگريه شهيد (رحمة الله عليه) چيو آهي:

"هردم حج پڙهن ڪعبو نه پسن ڪاپڙي"

ڪاپڙي مان مراد آهي عارف، جنهن دنيا کي سچاڻي دشمن سمجهيو ۽ خدا کي سچاڻي دوست ورتو، عارف خدا کان سواءِ ڪنهن سان به واسطو نه ٿا رکن.

تذڪرة الاولياءَ ۾ آهي ته شيخ بايزيد رحمة الله عليه چيو ته پهرين دفعي حج تي ويس تڏهن گهر ڏٺم ۽ جڏهن بي پيري ويس تڏهن گهر جو مالڪ ڏٺم ۽ ٽين پيري جڏهن ويس تڏهن نه گهر ڏٺم نه گهر جو مالڪ ڏٺم يعني حق ۾ اهڙو گم ٿي ويس جو ڪجهه به نٿي ڏٺم. جيڪڏهن ڏٺم ته حق ڏٺم پي. اَلتَّوْحِیْدُ اِسْقَاطُ الْاِضَافَاتِ (توحيد اضافتن کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي) جڏهن خداوند کي گهر سان نسبت آهي، پر توحيد ۾ نسبت نه آهي پوءِ گهر به نه رهيو ته مالڪ به ويو ۽ حج به قسم آهي: هڪ قصد

ڪوئي دوست (يعني دوست جي گهٽيءَ جو ارادو) اهو عوام جو حج آهي پيو ميل روئي دوست (يعني مقصود دوست جو ديدار) اهو حج خاصن آهي جيئن ظاهري ڪعبو خلق جو قبلو آهي، جيڪو پٿرن ۽ مٽي مان ٺهيل آهي تيئن باطني ڪعبو، جيڪو حق جو جلوه گاهه آهي اها دل آهي، جيڪڏهن ظاهري ڪعبو خلق جي طواف جي جاءِ آهي تہ دل جو ڪعبو خالق جي مهربانين جو مطاف آهي، هو زيارت ڪندڙن جو مقصود آهي ۽ هي نورن جي وارد ٿيڻ جي جاءِ آهي اتي گهر تہ هتي گهر جو مالڪ آهي جيئن مولوي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي تہ:

ای قوم بحج رفتہ کجائید کجائید
معشوق ہمین جا است بیائید بیائید

(اي حاجيو ڪٿي آهيو ڪٿي آهيو،اچو اچو معشوق تہ هتي آهي!)

صد بار ازیں خانہ برفتید برفتید
یکبار از این راہ دریں خانہ بیائید

سو دفعا ان گهر کان توهان آيا ۽ ويا، هڪ دفعو هن وات کان هن گهر ۾ تہ اچو؟

حج زیارت کردن خانہ بود
حج رب البیت مردانہ بود

حج ڪعبي جي زيارت ڪرڻ آهي، گهر جي مالڪ جو حج مڙسن جو حج آهي!)

کعبہ را کو ہر دمی عزمی فزود
آن زاخلاصات ابراھیم بود

(ڪعبي جي جيڪا هر وقت عزت وڌي، اها حضرت ابراهيم جي اخلاص جي ڪري هئي!)

فضل آن مسجد زخاک و سنگ نیست
لیک دربناش حرص و جنگ نیست

ان مسجد جي فضيلت مٽي ۽ پٿر ڪري نہ آهي، ليڪن ان جي بٹائڻ ۾ جنگ ۽ لالچ ڪانہ هئي!)

بردر این خانہ گستاخی زچیست
گرہمی دانند کاندر خانہ کیست

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

(هن گهرجي دروازي تي گستاخي ڇا ڪان آهي؟ جيڪڏهن ڇاڻن ها تہ هن گهر ۾ ڪير آهي؟)

جاهلان تعظیم مسجد می کنند
در جفائے اهل دل جدمی کنند

(جاهل مسجد جي تہ عزت ڪن ٿا مگر اهل دل جي ايذائڻ ۾ ڪوشش ڪن ٿا)

آن مجازست این حقیقت ای فلان
نیست مسجد جزدرون سرور آن

(اي فلاڻا اهو مجاز ۽ هي حقيقت آهي سردار ڪانسواءِ مسجد ئي ڪونہ آهي!)

مسجدے کو دردرون اولیاست
سجدے گا ھہ جملہ است ان جا خدا است

(اها مسجد جيڪا ولين جي دل آهي، اها سجدي جي جاءِ تہ خدا بہ اتي ئي آهي!)

تذڪرة اولياء ۾ آيل آهي تہ شيخ بايزيد چيو تہ مون ڪي وات ۾ هڪ پير مرد گڏيو چيائين تہ اي بايزيد ڪاڏي ٿو وڃين؟ مون چيو حج ڪرڻ چيائين ٿمر ڪهڙو اٿئي؟ مون چيو بہ سئو درهم آهن چيائين اهي مون ڪي ڏي ۽ منهنجي چوڏاري ست دفعا طواف ڪر ڇڏ تہ حج ڪيئي مولوي ﷺ ان جي خبر ڏئي ٿو:

گفت طوفی کن بگردم هفت بار
وان نکو تراز طواف حج شمار

(منهنجي چؤطرف ست چڪر طواف ڪر ۽ اهو حج جي طواف کان بهتر سمجهجانءِ)

این در مها پیش من نہ ای جواد
دانکہ حج کردی و حاصل شد مراد

(اي سخي! هي درهم مون کي ڏيئي چڏ پڪ ڇاڻ هت ئي حج ڪيئي ۽ مراد حاصل ڪري ورتئي)

عمرہ کردی عمر باقی یافتی
صاف گشتی بر صفا بشتافتی

(تنهنجو عمرو بہ ٿيو ۽ باقي عمر بہ ڪار آمد ڪيئي پاڪ ٿي وئين "صفا ۽ مروي" جي ڏڪ

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جو ثواب ٻہ حاصل ڪيئي)

حق آن حقی کہ جانت دیدہ است
کہ مرا بربیت خود بگزیدہ است

حق اهوئي آهي جيڪو تون پاڻ ڏٺو آهي، جو مون کي پنهنجي گهر کان وڌيڪ پسند ڪيو اٿس!)

کعبہ ہر چندین کہ خانہ بر اوست
این دل من نیز خانہ سر اوست

(جيتوڻيڪ ڪعبو سندس پاڪ گهر آهي، مگر منهنجي هي دل تہ سندس راز جي جاءِ آهي!)

چون مرا دیدی خدا را دیدہ
گرد کعبہ صدق بر گردیدہ

(جڏهن مون کي ڏٺئي تہ خدا کي ڏسي ورتئي، صدق جي ڪعبي جو طواف ٻہ ڪري ورتئي!)

خدمت من طاعت و حمد خداست
تانہ پنداری کہ حق از من جداست

(منهنجي خدمت ئي خدا جي اطاعت ۽ حمد آهي، ائين نہ سمجهہ تہ ڪو حق مون کان جدا آهي!)

چشم نیکو بازکن در من نگر
تابہ بینی نور حق اندر بشر

(نيڪ نظر سان اکيون کولي مون کي ڏس تہ توکي حق جو نور انسان ۾ نظر ايندو!)

بس کنم کہ خود زیر کا نرا بس است
والسلام علیکم وعلیٰ من اتبع الہدیٰ!

(ايتري تہ ڪفايت ڪيم جو سياڻن کي ايترو ڪافي آهي، حاضرين سميت توهان کي سلام پهچن)

نقل 65: گل فقير مونڪيو نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن لاڙڪاڻي جي سفر ۾ هڪ دعوت تي عشاء نماز کان بعد ڪٽ تي آرام فرما هئا، ۽ صوفن فقير (قوم) دل پير سائين جن کي زور ڏيندي عرض ڪيو تہ حضرتا! اسان جي شهر جا ماڻهو بي نمازي ٿيندا وڃن پيا؟ پاڻ فرمايائون تہ زبان سان انهن کي نماز پڙهڻ جو تاڪيد ڪرڻ گهرجي، ۽ دل ۾ سمجهڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ هر هنڌ حاضر آهي.

ڪنديره پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اي عزيز! پاڻ ڪريمن جي هن فرمودي ۾ هي نڪتو آهي ته سمع (ٻڌڻ) بصر (ڏسڻ) علم (ڄاڻڻ) ارادة (ارادو ڪرڻ) تڪلم (ڳالهائڻ) قدرت (طاقت) حيات (حياتي) هنن صفتن جو عارضي نظارو وجود ۾ آهي، ۽ اصل ۾ اهي قديم ۽ خدا جون صفتون آهن ۽ پاڻ قائم آهن، حضرت پير سائين جن هنن صفتن جي اضافت حق ڏانهن فرمائي آهي نه بشري وجود ڏانهن ڇو ته هي بشري وجود فقط ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ اچي ٿو، باقي حقيقت ۾ ڪوبه وجود نه آهي، اي عزيز! هن مقولي تي اعتراض نه ڪر ۽ انصاف ڪندڙ هج تون هن عارضي صفتن کي، جيڪي تو ۾ موجود آهن، پاڻ کان جدا ڪري حق جي حوالي ڪر، پوءِ ڏس ته تو ۾ باقي ڇا رهيو آهي، هت مولوي رحمة الله عليه فرمايو آهي:

ای برادر توهمه اندیشهٔ
ما بقی تو استخوان وریشهٔ

(اي پاءُ تون ته سڄو خيال آهين، پيو باقي تون هڏا ۽ رڳون آهين!)

جيڪڏهن چگي طرح ڏسندين ته هي چار عناصر مٽي، هوا، پاڻي ۽ باھ به اصل نور مان آهن! جيڪڏهن سيني صفتن کي اصل سان ڳنڍيندين ته "تون" به باقي نه رهندين! هڪ بزرگ فرمايو آهي:

بر من از هستی من جز نام نیست
در وجودم جز تو ایخوش کام نیست

(منهنجي هستي ۾ نالي کانسواءِ ڪجهه به نه آهي) اي پلارا! منهنجي وجود ۾ سواءِ تنهنجي پيو ڪجهه نه آهي! يعني منهنجي مٽان فقط منهنجو نالو آهي پيو سڀ ڪجهه اهو آهي.)

نقل 66: خليفو لقمان فقير رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن عشاء نماز کان بعد فقيرن جي جماعت ۾ وينا هئا. جماعت ۾ هڪ فقير کي ننڊ وئي وئي، جڏهن سجاڳ ٿيو تڏهن ڪلمه طيب جو تڪرار ڪيائين. پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته ڪهڙي شڪ ۾ آهين؟ هتي مولانا حڪيم ثنائي رحمة الله عليه ڪهڙو نه چگو چيو آهي:

کار نادان کونه اندیش است
یاد کردن کسی که درپیش است

(بيوقوف ۽ بي سمجهه جو ڪم آهي ته اهڙي ذات کي ياد ڪري جيڪا سندس اڳيان موجود هجي!)

نقل 67: هڪڙي ڏينهن حضرت پير سائين جن مسجد شريف ۾ تشريف فرما ٿيا ته مان ۽ پيا به ٽي فقير به اچي حاضر ٿياسون. پاڻ ڪريمن پڇيو ته يارو! هن وقت اسان جي مجلس ۾ ڪو ملان ته ڪونه آهي؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا! پيو ڪوبه نه آهي ان کان بعد فرمايائون ته ظاهر وارن کي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چاڻيو آهي جو الله تعاليٰ جي معرفت ۽ وحدانيت کان محروم ٿيا آهن ۽ ڪلمي طيب جي معنيٰ نٿا سمجهن، جو ان ۾ صريح توحيد آهي. اي عزيز! هي ويچارا ظاهري علم ظاهري حس (جنهن کي حس حيواني چوندا آهن) ۽ ظاهري زبان سان ڪجهه سکيا آهن ۽ ان کي ڪافي سمجهي باطني ۽ لدني علم حاصل ڪرڻ کان محروم رهيا آهن. هن جاءِ تي مولانا روم رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي:

حس حيوان گر بديدے شاه را
پس بديدے گاؤ خر الله را

(حيواني حس جيڪڏهن بادشاهه کي ڏسي ها تہ پوءِ گڏهه ۽ ڏيڪا بہ الله تعاليٰ کي ڏسن ها!)

نقل 68: الهداد فقير، حيدر فقير نظاماڻي جو پٽ نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري حضرت پير سائين جن جمشير فقير چهر جي رهندڙ (چهرن سيدن جي ڳوٺ آهي جيڪو لاکاڻ جي پرسان آهي) جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، فقير جو گهر سيدن جي گهرن جي وچ ۾ هو! جڏهن پير سائين جن فقيرن سان گڏ فقير جي گهر ۾ طعام کائڻ لاءِ رونق افروز ٿيا، تڏهن اتي جي سخت طبيعت سيدن جمشير فقير ۽ پي جماعت کي گاريون ڏنيون ۽ بچڑو ڳالهايائون، ان وقت پاڻ ڪريمن سيني فقيرن کي مات جو حڪم فرمايو! فقير سندن ارشاد موجب مات ڪري ويهي رهيا، ٿوري دير کان بعد ڪن سيدن جمشير فقير جي حمايت ڪري گارين ڏيندڙن سيدن کي جهٽڪيو ۽ ڳالهايو ۽ فقير کان اچي معذرت گهريائون، ايتري ۾ پاڻ ڪريمن جماعت سان گڏ طعام استعمال ڪري اٿيا ۽ هي بيت ارشاد فرمايائون:

بهر رنگے کہ خواہی جامہ می پوش
من آن جلوۂ قد می شناسم

(جنهن بہ رنگ ۾ وٽيئي ڪپڑا پيو ڏيڪ! آئون قد ڪاٺ مان ئي توکي سڃاڻا ٿو!)
پوءِ ان شهر مان ٻاهر نڪري پي فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا.

نقل 69: فتح محمد فقير نظاماڻي، نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري حضرت پير سائين جن تنڊي بهادر فقير نظاماڻي جي مسجد شريف ۾ مغرب نماز کانپوءِ ذڪر پورو ڪري سورة يٰس تلاوت فرمائي پئي، تہ اوچتو محراب مان هڪ نانگ نڪتو! جيڪو پاڻ ڪريمن جي رانن مبارڪن تان لنگهي مقتدين جي صف ۾ آيو، ان کي ڏسڻ سان هر هڪ جي زبان تي بلا، بلا جو آواز اچي ويو، ڪيترا ماڻهو اٿي ويا، جن ۾ گل فقير مست بہ هو، پر پاڻ جيئن سورة يٰس پڙهي رهيا هئا تيئن مصروف رهيا، احمد خان فقير نظاماڻي نانگ جي مٿان ڪپڑو وجهي نانگ ماريائين، پوءِ پاڻ ڪريمن گل فقير مست کي فرمايو تہ توحيد جي دعويٰ تہ ڪرين ٿو، مگر ان تي محڪم نٿو رهين، چو تہ توحيد ۾ غير تہ آهي ئي ڪونہ.

ڪنديره پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪجا غير ڪه غير ڪو نقش غير
سواء الله والله مافی الوجود

(ڪٿي آهي غير ڪٿي آهي غير جو نشان، خدا جو قسم الله ڪانسواءِ ڪا شيءِ موجود ئي ڪانهي!)

نقل 70: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ مخدوم غلام محمد بگائي جي سند، جيڪا توحيد ۾ هئي پڙهيائون پئي مون عرض ڪيو ته حضرتا! مخدوم غلام محمد ڪنهن جو مريد هو؟ جو هيترو علم بيان ڪيو اٿس! پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته بزرگ موصوف جو پٽ، مخدوم محمد زمان لنواري واري ﷺ ڪان ذڪر وڻي صاحب حال جو ٿيو هو. ۽ مخدوم غلام محمد پنهنجي پٽ ڪان ذڪر وڻي هن حالت تي پهتو آهي! پاڻ ڪجهه سنڌي بيت ٺاهي ڪڍهن ڪڍهن توحيد جي رغبت لاءِ فقيرن کي ٻڌائيندا هئا، هي هڪ بيت انهن مان آهي:

تون ڪيئن تڪليفون ڪرين ملا مٿي مستانن
سرکي ساڻ نه آيئي جاچس چکي چرين
الستي آواز تي، ميان مست وتن!
حشر ۾ هوشيار سي مس مستانا ٿين

اي ملا تون مستانن تي ڇا جي تڪليف ڪرين ٿو، توکي انهي ذوق جو ڏڪ نه مليو آهي، جيڪو ذوق مستانن چکيو آهي، الست جي آواز تي مست آهن ۽ اهي مست حشر ۾ مس هوشيار ٿيندا، هتي مولوي ﷺ مثنوي معنوي ۾ فرمايو آهي:

گفتگوئ عاشقان بالطف رب
جوشش عشق است نے ترک ادب

عاشقن جي گفتگو الله جي مهرباني سان، عشق جي جوش کان آهي نه بي ادبي سببان!

هر که کرد از جام حق يک جرعه نوش
نے ادب ماند و آن نے عقل و هوش

(جنهن حق جي پيالي مان هڪ ڏڪ پيتو، تنهن کي نه ادب جو خيال رهيو ۽ نه ئي عقل هوش رهيو!)

نقل 71: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي نظاماٽي فقيرن ۽ نوداٽي فقيرن ۾ جهيڙو ٿي پيو. سلطان فقير نظاماٽي جڏهن کان مريد ٿيو تڏهن کان هٿيار ٻڌڻ ڇڏي ڏنا هئا، تنهن وري پاڻ سان گڏ هٿيار رکڻ شروع ڪيا. هڪ ڏينهن پير سائين جن سفر ۾ سوار ٿيڻ وقت سلطان فقير جا هٿيار ڏسي ورتا، ڏسڻ شرط فرمايائون ته اي سلطان، ڇا پنهنجي خدا سان شرڪ ڪيو اٿئي؟

نقل 72: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ حيدرآباد شهر ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ آئون به سندن خدمت ۾ حاضر هوس ۽ پاڻ سڳورن کي عبدالمالڪ (نالي هڪ شخص قوم دل) زور ڏيئي رهيو هو. پاڻ مون ڏانهن منهن مبارڪ ڪري فرمايائون ته خليفا! مون کي مالڪ زور ڏئي ٿو! مون ٿوري دير مان ڪري عرض ڪيو ته حضرتا! پيو ڪير اوهان کي زور ڏيندو!

نقل 73: حضرت تجر ڏٽي ﷺ فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ ميان محمد صديق (جيڪو اسان جو مامون هو) ڏانهن سفارشي خط لکڻ جي اجازت گهريم. پاڻ اجازت ڏيڻ فرمائي، پوءِ ڪاتب کي خط لکڻ جو حڪم ڪيوسون. ڪاتب مامي جي عبارت کي لکي منهنجي طرفان خط لکيو جڏهن سندن نظر مبارڪ کان خط گذريو، تڏهن فرمايائون ته خط اسان جي طرف کان نه لکيو اٿو، بلڪ پنهنجي طرفان لکيو اٿو، وري ان وقت ئي فرمايائون ته مهر هڻي ڏيوس.

اي عزيز! ان معرفت جي سج خط ڏسڻ شرط فرق جي نگاهه کڻي ڇڏي، جتي جمع الجمع وحدانيت آهي اتي مامون ۽ سهرو نه آهي پوءِ مهر مبارڪ هڻڻ جو ارشاد فرمايائون!

نقل 74: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو ته شيخ منصور جو انا الحق جو نعرو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن هن فرمودي جي هينان هيو "مَنْ رَاٰنِیْ فَقَدْ رَاَی الْحَقَّ" (يعني جنهن مون کي ڏٺو بي شڪ ان حق کي ڏٺو) پر حضور ڪريم ﷺ جن جي فرمان ۾ حقيقت ۽ شريعت وارن لاءِ عجيب پختگي، معنيٰ ۽ نڪتا آهن ۽ منصور جي مقولي ۾ توحيد جي ڪچائي آهي.

نقل 75: حضرت پير سائين جن جي طبيعت کي بدبوءِ جي بانس نه ايندي هئي، جيڪڏهن ڪٿان گندگيءَ ۽ بدبوءِ واري جاءِ کان لنگهڻ ٿيندو هو ته سڄي جماعت نڪ بند ڪندي هئي، پر پاڻ ڪريم پنهنجي حالت تي هوندا هئا. هڪ ڏينهن مون انهي متعلق پاڻ ڪريمن کي عرض ڪيو، پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته اسان کي بدبوءِ ايندي ئي نه آهي.

اي عزيز! حضرت پير سائين جن جي عجيب خلقت، روح کي راحت رسائيندڙ هئي، جو گندگي کي ان ۾ اصلا داخل نه هو. بلڪ ان حقيقت جي سج جي تاب سان سڀ پليتيون خوشبوئن سان بدلجي ويون ٿي، اتي پليتي کي ڪٿان ٿي واڻ لڳي!

نقل 76: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ هڪ تتر جي پويان گهوڙا ڊوڙايا ۽ تتر هڪ وڻ ۾ ڇپي ويهي رهيو. خليفو ميان سلطان، جنهن کي صرف توحيد جي حالت هئي، پنهنجي گهوڙي تان لهي تتر ڳولڻ لڳو. پاڻ ڪريمن فرمايو ته سلطان فقير جي ڳولڻ تي اعتبار نه آهي، چو ته جيڪڏهن ڏسندو تڏهن به نه ٻڌائيندو، ان ڪري تتر کو پيو فقير وڃي ڳولي.

نقل 77: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن مسجد شريف ۾ مثنوي شريف پڙهي رهيا هئا، اتفاق

سان، ڪبوتر سندن پهرياڻ مبارڪ تي وٺ لاهي وڏي، پاڻ فرمايائون تہ هي بہ انهيءَ جو موڪليل آهي!

نقل 78: مينڊرو فقير پليجو نقل ڪري ٻڌو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ هڪ فقير سوال عرض رکيو تہ حضرتا! مون کان نماز ادا نٿي ٿئي، جواب ۾ ارشاد فرمايائون تہ هي بہ محبوب جي محبت جي ڪمي آهي جيڪڏهن محبوب جي محبت دل ۾ پيدا ٿي وڃي تہ پوءِ سندس قولن ۽ فعلن جي تابعداري پوري نصيب ٿيندي ۽ نماز ۾ اها ڪوتاهي جيڪا حال جي غلبي جي ڪري ٿئي ٿي ان نماز ۾ ڪهڙي طرح ٿي سگهندي؟ جنهن ۾ خود نمازي جو وجود ئي نٿو رهي، هن وقت جو تو مونکان پڇيو آهي اهو محبوب جي محبت جي گهٽتائي جي ڪري آهي نہ ڪي حالت جي ڪري ڇو تہ ان وقت سوال پڇڻ جي ضرورت ئي نہ رهندي آهي.

نقل 79: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ٽنڊي لقمان ٽالپر ۾ تشريف فرمائي، پاڻ ڪٽ تي وينا هئا، ان وقت خليفو ميان نبي بخش لغاري ۽ لاڙ جي ٻي جماعت زيارت کان مشرف ٿي، ۽ فقيرن تي وجد پئجي ويو هڪ فقير محبت جي جذبي کان پنهنجو مٿو پاڻ ڪريم جي ڪٽ تي هنيو ٿي ۽ پاڻ سڳورن سندس مٿو مٿي ڪري توحيد جو نڪتو بيان فرمايائون تہ:

اي يار ڪنهن کي ايذاءِ رسائين ٿو ۽ اهو ڪير آهي ۽ ڇا لاءِ مٿو ڪاڻي تي هڻين ٿو؟ ان کان بعد فرمايائون اسان کي ابتدا ۾ هي عادت هئي جو پيادي هلڻ وقت پٿر يا ٻي ڪا تڪليف پهچائيندڙ شيءِ، وات ويندي نظر اچي وئي تہ پري ڪندا هئاسون، هن خيال سان تہ متان محبوب کي تڪليف پهچائي. محبوب جي لفظ فرمائڻ وقت هٿ جو اشارو پاڻ ڏانهن ڪندا هئا. اي عزيز! سندن هيءَ عادت هميشہ هئي تہ جي وات ۾ پٿر پٿر ڪک ڪنڊو هڏو وغيره نظر مبارڪ ۾ ايندو هو تہ پاڻ پير مبارڪ سان پري ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ حضرت ميان صاحب جن جي بہ اها عادت مبارڪ هئي.

نقل 80: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن درگاهہ مبارڪ تي مسجد شريف ۾ عشاءَ نماز کان بعد فقيرن جي صحبت لاءِ وينا ۽ حاضرين مجلس کي فرمايائون تہ اي يارو! توحيد جو فڪر ڪري ويهو پوءِ سيئي فقير مان ڪري ويهي رهيا ۽ ڪو وقت مجلس ۾ نہ ڳالهايائون پاڻ فرمايائون وحدانيت جو فڪر زبان جو مان ڪرڻ نہ آهي، بلڪ اهو ٻيو قسم آهي پوءِ مون کي دل ۾ آيو تہ حضرتا! اهو توحيد جي فڪر جو قسم بہ اوهان جي توجهہ کانسواءِ ڪيئن هٿ ايندو؟ في الفور پاڻ منهنجي وهم جو جواب فرمايائون تہ اي يارو! ماٿهو پراٽن ڪپڑن جا ٽڪرا گڏ ڪري رلي ناهيندا آهن، جيڪڏهن توهان بہ ان نموني سان وحدانيت هٿ ڪري ونو تہ گهٽن دردن کان آزاد ٿي پئو ۽ عجب ذوق حاصل ڪريو!

نقل 81: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٻڌو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين لاڙ جي سفر ۾ ٽالپرن فقيرن جي دعوت تي ٺري ۾ آيا هئا، اتي توحيد جو مثال بيان فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪاڻي جي مٿي تي ٽانڊو رکي ڦيرائبو تہ گهٽي ڦيرائڻ کان گولائي جي شڪل نظر ايندي ۽ حقيقت ۾ اها هڪڙي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٽانڊي واري ڪاڻي آهي ۽ فرمايائون ته هي سڄو عالم گهٽائپ کان گول آهي ۽ اصل ۾ اهو هڪ ٽانڊو آهي يعني مطلق حق آهي، جيڪو وجود ظلي کان هر جاءِ تي آيو آهي:

حق جان جهان است جهان جمله بدن
توحيد همين است ديگر حيله و فن

(حق جهان جي جان آهي ۽ جهان سڄو بدن آهي، توحيد اهائي آهي پيو سڀ نظر جو ڏوڪو آهي!)

نقل 82: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن هڪ جاءِ تي تشريف فرما ٿيا، اتي هڪ ننڍو حوض هو، جنهن ۾ مينهن جو پاڻي ٿورو ڇپيل هو، جيڪو سائو ۽ خراب ٿي ويو هو، ۽ مون اتان نماز لاءِ وضو ڪيو ٿي، هڪ فقير چيو ته اي محمد شفيع! هي پليت پاڻي آهي تون ڇاڪو ڪرين؟ فقيرن هيءَ ڳالهه حضور ۾ پيش ڪئي پاڻ مون کي گهرائي فرمايائون ته هي تو ڇا ڪيو، جو پليت پاڻي مان وضو ڪيئي ۽ ڪابه نظر نه ڪيئي؟ عرض ڪيم ته حضرتا! مون کي پاڻي جي پليتي تي ڪابه نظر نه پئي، ان کان بعد منهنجي پڻيءَ تي هٿ مبارڪ هڻي فرمايائون ته صوفي کي سڀ حلال آهي.

اي عزيز! هن مقام تي هڪ نڪتو آهي، اهو هي ته سڪر جي حالت ۾ مريد تقويٰ جي لباس کان خالي پاڪائي ۽ پليتي کان بي خبر ۽ عبادت جي تڪليف کان فارغ هوندو آهي، اهڙي موقعي تي مرشد ڪامل مڪمل جو توجه ۽ نظر ئي هوندي آهي، جيڪا مريد کي سڪر جي ڪن مان سلامت ڪڍڻ جو وسيلو ٿيندي آهي، جيئن متيون مريد تقويٰ جي لباس کان عاري سڪر جي حالت ۾ هو ته مرشد ڪامل مڪمل ڪيس تقويٰ جي نوراني لباس سان سرفراز فرمايو اي عزيز! صاحب حال انهيءَ حقيقت کان بخوبي واقف آهي البته بي حال جي لاءِ انهي نڪته جي پروڙ مشڪل آهي.

نقل 83: حضرت تجر ڏٽي رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو ته هڪ شخص حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! حضرت امير معاويه رضي الله عنه ۽ يزيد کي خراب چئجي يا نه؟ جواب ۾ فرمايائون ته معاويه ۽ يزيد ٻئي حضرات ٻنهي امامن سڳورن جي وصال جا وسيلا هئا، جيئن ڪنهن عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ نهر وهندڙ هجي، پوءِ ڪو ماڻهو عاشق کي نهر پار ڪرائي معشوق سان ملائي ته ان کي ڇڏڻ، ڇالاءِ ڳالهائبو؟ ساڳي طرح هي ظاهري موت به حق جي وصال جي نهر آهي، جيڪو ان کان لنگهائيندو اهو وسيلو وصال جو آهي. اي عزيز! هن باب جي موافق حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه فرمايو آهي:

سختي شهادت جي سڀ شادي جو ڏينهن،
ذرو ناهه يزيد کي نسورو ئي نينهن،
محبت ونو مينهن، عليءَ جي اولاد تي!

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 84: خليفو لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن رمضان شريف جي مهيني ۾ منهنجي دعوت تي ديهه ڪوڪر ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ مخدوم ابراهيم ڪوڪر و مجذوب الحال انهن ڏينهن ۾ روزا نه رکندو هو ۽ ان کي حافظ فقير هالائي روزي رکڻ لاءِ تڪليف ڏيندو هو، ۽ مخدوم چوندو هو ته آئون روزو نه رکندس ان بابت ۾ گهٽا سوال جواب پاڻ ۾ ڪندا هئا، هڪ ڏينهن حافظ فقير هالائي ان کي چيو ته تون روزو نٿو رکين ته فقيرن جي جماعت مان نڪري وڃ ۽ اها ڳالهه حضرت پير سائين جن جي ڪنن مبارڪن تي به وڃي پئي پاڻ ابراهيم مجذوب کي فرمايائون ته جي روزو نٿو رکين ته اسان جي جماعت مان نڪري وڃ ان مجذوب فقير چيو وڻ پنهنجي جماعت ۽ روانو ٿي ويو. حضرت جن فرمايو ته وڃ وڃ، تنهنجي جماعت کي ضرورت نه آهي ۽ ائين چوندي پاڻ مرڪي به رهيا هئا، پوءِ اهو مجذوب ٻاهر وڃي وري اچي مسجد ۾ ويهي رهيو.

نقل 85: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن حيدرآباد جي قلعي ۾ تشريف فرما ٿيا، اتي هڪڙو ماڻهو آيو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! آئون فلاڻي جاءِ به آيو هيس ۽ هتي به حاضر ٿيو آهيان، مون کي سجاڻو ٿا؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته اسان توکي اتي به ڏٺو هو ۽ هتي به سجاڻون ٿا.

اي عزيز! هي ويچارو ڪير پياڪ معرفت کي ڇا سمجهي، مطلب هي آهي ته پاڻ ڪريمن متيءَ جي ذري کي نظر ۾ نه آڻي فرمايائون ته توکي عالم معنيٰ ۽ عالم ڪثرت ۾ به سجاڻون ٿا:

بهر رنگے که خواهی جامه می پوش
من اندازه قدت رامی شناسم

(جنهن رنگ جا به گهرين ڪپڑا ڍڪي اچ، پر آئون تنهنجي قد کي ئي سجاڻا ٿو!)

نقل 86: يعقوب فقير ڏيٿو نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن مسجد شريف ۾ ڪبڙ جي هينان قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول هئا، ۽ ان وقت خليفو ميان حسن شاهه پاڻ ڪريمن جي حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ حضور ۾ وينل هڪ فقير کي چيائين ته ٿورو پري ٿيءُ ته مان به سندن تلاوت ٻڌان، تنهن تي پاڻ جوش ۾ آيا فرمايائون ته تون به گمراه ٿئين ۽ جنهن کي مريد ڪيو هئي ان کي به گمراه ڪيئي، ڇا لاءِ پري ڪرينس ٿو؟ پوءِ خليفي تمام گهٽي معذرت ۽ عاجزي ڪئي، تڏهن پاڻ راضي ٿيا.

اي عزيز! ان وقت ان يار جي نظر ڪثرت تي هئي، نه حقيقت تي جي سندس حقيقت تي نظر هجي ها ته ڳالهه ان کان ظاهر نه ٿئي ها ۽ نه ڪيس جهٽڪن ها. هي جهٽڪ حال جي نه سجاڻڻ ڪري فرمايائون.

نقل 87: محمد شفيع نقل ڪري ٿو ته ڪڇ جي سفر ۾ ڪو چور حضرت پير سائين جن جو چغو چوري کڻي ويو. پوءِ پاڻ جڏهن ڪڇ جو سفر پورو ڪري موتي شيخ پرڪيه رحمة الله عليه وٽ تشريف فرما

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٿيا تہ ٿوري دير آرام ڪري قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول ٿيا ۽ اتي پاڻ ڪريمن جي پرسان، ٻن ٽن فقيرن چور جي گلا شروع ڪئي، پاڻ قرآن شريف جي تلاوت کان فارغ ٿي انهن کي فرمايائون تہ چو گلا بيڪار مقال ۾ پيا آهيو؟ ۽ شڪايت ماضي جي پيا ڪريو، چوغو اسان جو هو، اهو هينئر بہ اسان وٽ آهي.

نقل 88: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ راڳ ٿيو پئي ۽ راڳ جي وچ ۾ پاڻ ڪريمن جو سنڌي ۾ ٺاهيل مولود:

اٿو، عالم چام، ڪرهو ڪامل فرصت ڪام،
در ماندن دارون ڪريو، دارون ڪريو

پڙهيائون ان وقت پاڻ سڳورن ٻانهي کي آهستي فرمايو تہ جنهن وقت هي مولود شريف ٺاهيو هيم، ان وقت سڪر جي ابتدائي حالت هئي، هر جاءِ تي محبوب حقيقي نظرن ۾ هو، مولود ۾ محبوب حقيقي جي آرام جو تصور آهي ۽ ڪين توجہ لاءِ عرض ڪيو وڃي پيو!

نقل 89: فيروز فقير نقل ڪري ٿو تہ جڏهن حضرت پير سائين جن جي محبت ۽ شوق جي چٽنگ دل ۾ چمڪي، تڏهن هر جاءِ هر طرف پاڻ ڪريمڙئي نظر آيا ٿي، ان حالت ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! هن ڪان اڳ سائين جن کي پير سمجهيم ٿي ۽ پاڻ کي مريد؟ پر هاڻي اوهانجي اکين مبارڪن جي مشاهدي سان: فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ؕ (سورة البقره: آيت ۱۱۵) وانگر جتي بہ ڏسان ٿو، سمجهان ٿو تہ اوهان جي ذات مبارڪ ئي آهي، هاڻي توجہ فرمايو تہ هر وقت هر جاءِ تي هن ضعيف کان ادب بجا اچي. ان وقت هزار شفقتن ۽ عنايت سان توجہ مبذول ڪندي فرمايائون:

درو ديوان من آئينہ شد از كثرت شوق
ہر كجامی نگرم روئے ترامی نگرم!

(گهٽي شوق کان در دريون منهنجا آئينا ٿي پيا آهن جتي ڏسان ٿو اتي تنهنجو چهرو مبارڪ ڏسان ٿو!)

نقل 90: سلطان فقير ٽالپر نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن محمد خان پٽ بهادر فقير ٽالپر، حضور ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! مريد کي مرشد جي ڪيستائين ضرورت آهي؟ پاڻ ڪريمن شفقت مان هي جواب ارشاد فرمايو تہ دلال جي ضرورت واپار نهٽ تائين آهي، ان کان بعد دلال جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، ۽ هي حافظ شيرازي رحمۃ اللہ علیہ جو بيت پڙهيائون:

حافظ مريد جام مئے است اے صبابرو
واز بند بندگی برسان شيخ جام را

(حافظ محبت جي پيالي جو مريد آهي، اي باد صبا وچ جام جي صاحب (مرشد) کي ٻانهي جي طرفان وجي بندگي حوالي ڪر!)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 91: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ڪنهن فقير جي دعوت تي تشريف فرمائي رهيا هئا، محبت نالي فقير کي فرمايائون تہ اسان سان وات سجاٽيندڙ ڪير آهي؟ ان فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! وات ڏيڪاريندڙ اوهان جو وجود مبارڪ آهي، پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ اسان جهنگل سجاٽندڙ نہ آهيون، ايتري ۾ فقيرن دعوت واري فقير کان وات ڏيڪاريندڙ ماڻهو گهريو ۽ تمام گهٽي ڳالهہ ٻولهہ ٿي. پاڻ فرمايائون تہ اي يارو! بيڪار لڙ گوڙ ڇڏيو ڇو تہ محبت اسان جي وات سجاٽندڙ آهي.

نقل 92: صاحبزادو ميان محمد شاهہ نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ مون ۽ ميان محمد ياسين گلستان جو سبق پڙهيو پي، ۽ پاڻ انهن ڏينهن ۾ گهٽو ڪري ڪتاب جمع الجوامع جي مطالعي ۾ مشغول هوندا هئا، پوءِ مون ان ڪتاب جي ڪليل جاءِ تي نظر ڪئي پاڻ اهو حال ڏسي فرمايائون تہ اي بابا! مطالعو ڪرڻ ڇڱو ڪم آهي ليڪن ڪتاب جو مطالعو حرفن جو پڙهڻ نہ بلڪ انهي جي اصطلاح کان واقف ٿيڻ آهي، ڪوبہ لفظ چئو تہ توهان کي ڪتاب مان ان جي معنيٰ معلوم ڪرڻ جو طريقو سيکاريان پوءِ منهنجي نظر ڪتاب ڏسڻ وقت لفظ "اتک" تي پئي هئي جيڪو شنگرف سان لکيو هو، مون عرض ڪيو تہ حضرتا! اتک لفظ جي معنيٰ ڪيڏو؟ پوءِ پاڻ منهن مٽي ڪري فرمايائون تہ اول هيءَ معنيٰ آهي تہ الف مان مراد آئون آهي، جنهن کي فارسيءَ ۾ "من" چوندا آهن ۽ حرف "تي" مان مراد تون آهين، جنهن کي فارسي ۾ "ترا" چوندا آهن ۽ "ڪاف" مان مراد ڪوڙ آهي جهن کي فارسي ۾ "دروغ" چوندا آهن يعني "مان" ۽ تون سڀ ڪوڙ آهي.

اي عزيز! پاڻ ڪريمن لفظن جي ڳاڻاٽي مان توحيد جو نڪتو ڪيڏي صاحبزادي کي ان جي ترغيب ۽ شوق ڏيارياٸون.

نقل 93: طيب فقير نقل ڪري ٿو تہ هڪڙي فقير حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! نفس ۽ شيطان ڏسڻ ۾ نٿو اچي ورنہ ان سان جهيڙو ڪجي ۽ مارڪٽ ڪجيس. پاڻ زبان مبارڪ سان فرمايائون تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن جي گهر وڃي ٿو، ۽ گهر جي مالڪ جو ڪتو ان کي ڪائي ٿو، جڏهن تہ ڪتي کي مارڻ سان سندس مالڪ ڪاوڙجي ٿو پوءِ بچڻ جي صورت هي آهي، جو گهر جي مالڪ کي سڏ ڪري تہ ڪتي کي جهل آئون اندر اچان پوءِ جيڪڏهن اهو شفقت سان پنهنجي ڪتي کي روڪيندو تہ ان کي ڪتو اندر ٻاهر اچڻ ۾ مانع نہ ٿيندو.

نقل 94: غلام فقير بهڻ نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ديهہ سانگهڙ ۾ مراد علي نظاماڻي کان پڇيائون تہ علي محمد ڪٽي آهي؟ جواب ۾ خليفي ميان سعيد خان ماباڻي عرض ڪيو تہ اهو اسان جي ڳوٺ ابراهيم نظاماڻي ۾ رهندو آهي ۽ هميشہ شراب پيئندو آهي انهي تي پاڻ خليفي کي فرمايائون تہ ائين چوڻ نہ گهرجي، ڇو تہ طريقت ۾ ڪافر سان بہ اصلاح جو طريقو اختيار ڪرڻو آهي، مولوي رومي رحمۃ اللہ علیہ کهڙو نہ سٺو چيو آهي:

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چون بے رنگی رسی کان داشتی
موسیٰ و فرعون، دارند آشتی

(يعني جڏهن بي رنگي جي مقام تي پهچندين، تہ موسيٰ ( ) ۽ فرعون جوبہ هڪ بي ۾ صلح ڏسندين)

نقل 95: خليفو لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن سان سفر ڪندي، ٽنڊي قيصر نظاماڻي کان، ديهہ محمد خان ۾ پرڳڙي ڏانهن متوجہ ٿياسون واٽ ۾ مون عرض ڪيو تہ حضرتا، مون کي هڪ ڪتاب مليو آهي، جنهن ۾ قرآن شريف ۽ حديث پاڪ جو هڪ لفظ بہ ڪونہ آهي، ليڪن ان جو مضمون توحيد جو جز ۽ ڪل مذڪور آهي پاڻ فرمايائون تہ ڪنهن ڪافر جو جوڙيل هوندو مون عرض ڪيو تہ حضرتا! ان جي مصنف جو نالو ڪونہ آهي ۽ ان ۾ هي لکيل آهي تہ: موت اصل نہ آهي ۽ پاڻ ڪريمن فرمايو تہ اهو ائين ئي آهي جو پهريان ظاهر ۽ ان کان باطن ڏانهن موٽڻ! جيئن نص ۾ وارد آهي: "هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ" (سورة الحديد: آيت ٣)

نقل 96: ملا بچو فقير مگريو، قاسم فقير وادي کان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ديهہ ڪنڊر ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، سندن حضور ۾ سيد فتح علي شاهہ صوفي اعتراض ڪيو تہ فقيري سان هيترو مجمع (گوڙ) ڪهڙي مناسبت رکي ٿو؟ جواب ۾ ارشاد فرمايائون تہ ايان توکي عالم (جهان) نظر اچي ٿو ان کان بعد وري شاهہ صاحب عرض ڪيو تہ حضرتا واجب الوجود جي غذا ڪهڙي آهي؟ فرمايائون تہ شايد مد لام جي تي تحقيقات نہ ڪئي اٿو، يعني حضرت صمديت جي ذات کان سواءِ ڪابہ شيءِ نہ آهي جو انکي غذا جڳائي!

نقل 97: خليفو لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ٽنڊي قيصر فقير نظاماڻيءَ ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، شام جي نماز کان بعد مون کي فرمايائون تہ قاضي محمد اڪرم کي پنهنجو حال ٻڌائٽو آهي مگر اڪيلائي جو وقت ڳولٽو آهي، هن وقت خلاصگي آهي انکي ڳولي اچو، پوءِ قاضي کي حضور ۾ حاضر ڪيم، قاضي عرض ڪيو تہ حضرتا! ظاهري عبادت ڏکي لڳي ٿي، محض تڪليف پانيان ٿو ۽ تڪليف کان طبيعت بيزار ٿي پئي آهي مان خيال ڪريان ٿو تہ دل سان مشغول ٿيان. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ اي يار! توهان کي عبادت ادا ڪندي ڪهڙو لطف ايندو، جو توهان تہ رڳو عبادت کي تڪليف سمجهو ٿا، شايد توهان جي عقيدت ۾ فساد پيو آهي، حالانڪ طالب کي گهرجي تہ ظاهر کي نہ ڇڏي پوءِ پاڻ نقل ارشاد فرمايائون تہ منصور جڏهن سڪر جي حالت ۾ "انا الحق" چوندو هو، تڏهن هو هر رات ٽي سو نفل پڙهندو هو ان کان ڪنهن پڇيو تہ هي ڇا آهي جو "انا الحق" بہ چوين ٿو ۽ هيتري عبادت بہ ڪرين ٿو؟ منصور جواب ڏنو تہ جڏهن اصلي وجود ظلي وجود ۾ نزول ڪري ڪائٽ پيئٽ ۽ ننڊ وغيره کان لذت ونڊي ٿو تہ پوءِ عبادت کان ڇو نہ لذت ونندو؟

نقل 98: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن هن حديث جو بيان فرمايو تہ: "اَلْاِيْمَانُ بَيْنَ الْخَوْفِ وَالرَّجَاءِ" (يعني ايمان خوف ۽ اميد جي وچ ۾ آهي) ۽ هي مقام موحد جو آهي جنهن ۾ نہ خوف ۽ نہ اميد آهي!

نقل 99: عبدالله فقير رند نقل ڪري ٿو تہ هڪ وقت حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ هيءَ ڪافي ٿي پڙهيائون:

تيری دونيان، مستان کيا، ديوان کيا!

محفل ۾ وينل هڪ مولوي صاحب عرض ڪيو تہ قبلا، دونينان مان مراد ڇا آهي؟ آئون ان وقت مجذوب الحال هيس، مون پاڻ ڪريمن کان اڳ ۾ ان کي جوش مان چيو تہ: دونيان مان مراد، ٻنهي طرفن کان جوتن جي مار آهي اهو ٻڌي پاڻ ڪريم مرڪيا ۽ فرمايائون تہ اهو مجذوب آهي (ان کي ڇڏيو) باقي "دونينان" مان مراد، حقيقت ۽ شريعت آهي اهي مبارڪ الفاظ ٻڌي اهو مولوي باربار چوڻ لڳو، خوب، خوب، خوب!

اي عزيز! توڙي جو اهي حرف ٿورا آهن، مگر معنىٰ گهڻي رکندا آهن، بلڪ ام المعاني، يعني مڙني معنائن جي ماءُ آهن جيئن "صحائف الرسل عليهم السلام" يعني رسولن جي مڙني ڪتابن جو خلاصو قرآن مجيد آهي ۽ وري اُمُّ القرآن سورة فاتحه آهي، ۽ بسم الله الرحمٰن الرحيم، سورت فاتحہ جي اُمّ آهي. ۽ جيڪي علم قرآن مجيد ۾ ذڪر ڪيا ويا آهن اهي سيئي بسم الله جي ب ۾ ڇپيل آهن، ۽ با جو نقطو، احديت جي الف جو خليفو آهي، ان کي ٻہ مرتبا آهن، حقيقت ۽ شريعت ۽ ان کي ڪثرت ۽ وحدت ٻہ چوندا آهن، جڏهن احديت جي الف نقطي جي طرف رجوع ڪيو تہ سيئي حقيقتون ۽ صورتون، هويت (مطلب، جامع حقيقت) جي پردي ۾ غائب ۽ ڇپيل ٿيون ۽ پوءِ ڪون و مڪان جي ميدان ۾ جلوه گر ٿي، بيڪ وقت پنهنجو پاڻ سان راند بازي ڪندي، عابد ۽ معبود، ساجد ۽ مسجود ٿيو پوءِ وري ڪثرت جي پوشاڪ ۾، احديت جي مرتبي کي ٿو چوي تہ: اَنْتَ مَالِكِیْ وَاَنَا مَمْلُوْكٌ، اَنْتَ مَعْبُوْدِیْ وَاَنَا عَابِدٌ، اَنْتَ مَسْجُوْدِیْ وَاَنَا سَاجِدٌ.

۽ سالڪن کي جنهن ديوانو ڪيو آهي، اهي ٻہ نينان يعني احديت ۽ عبديت آهن ۽ انهن ٻنهي نيٽن پاڻ ۾ ڪهڙي نہ سهڻي راند ڪيڏي آهي جو هن جاءِ تي بيخودي ۽ باخودي ۾ موافقت رکن ٿا، حقيقت ۽ شريعت هڪ وجود ڏيکارجن ٿا ۽ نابود ٻہ ابود جهڙو لڳي ٿو، جيئن جو چيو اٿن:

ہر رنگے کہ خواهی جامہ می پوش
کہ من آن جلوہ قدرا می شناسم

(يعني جهڙي ٻہ رنگ جا وڻندڙ ڪپڙا پاءِ پيو! مان تہ توکي قد ڪاٺ مان ئي سڃاڻان ٿو!)

فصل پنجون
سالڪ جي فنا ۽ بقا

(هيءَ بقا ۽ فنا اها نہ آهي جيڪا پوري طرح نزول ڪندي آهي بلڪ هيءَ فنا سڪر ۽ صحو سان لازم آهي!)

نقل 1: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ شاھ خير الدين (جيئي شاھ) رحمۃ اللہ علیہ ڪامل بزرگ ۽ صاحب حال جو هو. جيڪو بکر جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. سندس هڪ مريد سڪر ۾ هو. جيڪو ڳوٺ کان ٻاهر هڪ خلوتخانو ٺاهي ان ۾ اڪيلو رهندو هو. اتفاقًا اتان اچي درياھ لنگهيو ۽ گهٽن سالن کان بعد اهو درياھ اتي واريءَ جا ڏڙا ڪري ڇڏي ويو ان کان پوءِ اهو مريد شاھ خير الدين کي ياد آيو ۽ پڇيائين تہ فلاڻو ڪٽي آهي؟ مريدن چيو حضرتا! اهو شهر کان ٻاهر پنهنجي خلوتخاني ۾ رهندو هو پوءِ اتي ڪيئي سال درياھ وهندو رهيو. هاڻي اتي درياھ واري ڪري ڇڏي ويو آهي! بزرگ فرمايو تہ منهنجي گهوڙي تيار ڪري ڪاهي اچو؟ گهوڙي خودبخود ان کي سجاڻندي. جڏهن گهوڙي حاضر ڪئي وئي. تڏهن ان تي سوار ٿي انهن ڏڻن ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن اتي پهتا. تڏهن هڪ جاءِ تي گهوڙي پنهنجا پير هنيا. ان وقت فرمايائون تہ اسان جو مريد هت آهي پوءِ کوٽرائي گهر جو ظاهري دروازو کوليائون. ڏسن تہ درويش ڪعبي ڏانهن پير ڪيو ستو پيو آهي شاھ خير الدين ان جي سيراندي کان اچي هي سنڌي بيت پڙهيو:

نہ تو ڪعبو نہ قبلو، نہ تو رهيو سجود،
جيلانها ونجايئي وجود تيلانها سائر گڏيئن!

(يعني توتي نہ ڪعبہ جي تڪليف ۽ نہ سجدي جي، ان ڪري پاڻ کي وساري درياھ ۾ ويهي رهين) ان مريد بہ پنهنجي پير جي خدمت ۾ سڪر کان بيخودي جي حالت ۾ هي بيت پڙهيو:)

ڪوه ڪريندا قبلو جن سجاتو سلطان،
پرين اسين پاڻ، سجدو ڪيون ڪنهن کي!

(يعني جن بادشاھ کي سجاتو اهي قبلي کي ڇا ڪندا. اسان پاڻ دوست آهيون سجدو ڪنهن کي ڪريون) هي چئي اٿيو ۽ سندس پير کيس پاڻ سان گڏ ونڻي پنهنجي جاءِ تي آيو!

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 2: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ هڪ ڏينهن خليفي ميان الهرڪيي کان سوال ڪيم تہ صاحبا! تهجد جا نفل پڙهندا آهيو؟ چيائين تہ تهجد جي وقت اٿي وضو ڪري هڪ نفل پڙهندو آهيان. ڪڏهن ائين ئي وينو هوندو آهيان! چو تہ هن فقير تي فرض بہ ڪريل آهي! ان بزرگ جي چوڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ فرض فرضيت ۽ ان جو ادا ڪرڻ ٻانهي جي ذمہ هوندو آهي جڏهن ٻانهائپ فنا ٿي ويئي پوءِ فرض ڪنهن تي لازم ٿيندو؟ ۽ اولياءَ الله جيڪا نماز پڙهن ٿا، سو عبوديت ۽ خاص ذوق کان ادا ڪن ٿا. جيئن مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي:

پين عبادت ايريو، توکي ماکي ساءِ،
سڪ منجهان سجدا ڏين محض لذت لاءِ.

معلوم ٿيو تہ ظاهر وارن کي عبادت ايريي وانگر لڳي ٿي. جو روز پڙهن ٿا ڪوبہ مزو نٿو اچين، چو تہ بيمار آهن ۽ اهي گناهن جي مرض کان شفا لاءِ ۽ حورن قصورن لاءِ (جيڪي اهل الله وٽ دنيا ۾ داخل آهن) عبادت ڪن ٿا ۽ عارف جيڪي پاڻ کي فنا ڪري حق سان باقي آهن اهي جيڪي ڪن ٿا اها عبادت نہ آهي، بلڪ عبوديت آهي، جا خاص وراءِ الوراءِ (الله تعاليٰ) جي شوق ۾ ادا ڪن ٿا ۽ هر رڪن ۾ قيام ۽ رڪوع ۽ سجدي ۽ قعدي ۾ جدا جدا مزو حاصل ڪن ٿا چوندڙ ڪهڙو نہ سنو چيو آهي:

نماز عابدان رکوع و سجود است
نماز عارفان ترک وجود است

(يعني عابدن جي نماز رڪوع ۽ سجدو آهي، مگر عارفن جي نماز وجود جو ڇڏي ڏيڻ آهي!)
شاه عبدالطيف ڀٽائي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي:

تان تان ناهه سجود، جيسين پسين پاڻ کي،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تکبير ڇؤ!

نقل 3: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن پنهنجي هڪ مريد کان پڇيو، فلاڻي فقير جو توسان تعلق آهي يا نہ؟ مريد عرض ڪيو حضرتا! اهو تہ منهنجي لاءِ عزرائيل آهي پاڻ ڪريمن کي هن ڳالهہ ٻڌڻ شرط اکين مان پاڻي اچي ويو ۽ فرمايائون تہ نعوذ بالله منه، ٻي دفعي ائين نہ چؤجان؟ چو جو عزرائيل تہ فراق کان ڇڏائي دوست سان ملائيندو آهي، ان کي دشمن سمجهڻ جهالت ۽ وڏي بي ادبي آهي:

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مرگ باشد کہ رساند دوست بدوست
مغز صافی شد چوبخرا شید پوست

(موت دوست کي دوست سان ملائي ٿو صاف مغز ان وقت ٿيندو جڏهن ان تان کل لاهي ڇڏبي آهي!)

نقل 4: رمضان فقير سهتو نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن مثال بيان فرمايو تہ ڏنار جيڪو رڍن چارڻ لاءِ ٽاريون وڍي ٿو، ان وقت جيڪا ٽاري وڻ کي وڍجي جدا ٿي، اها سڪي ويندي آهي ۽ جيڪا اڌ وڍيل ٿيندي آهي ۽ وڻ کان جدا نہ ٿيندي آهي، اها وري بہ سائي ٿي پوندي آهي.

اي عزيز! حضرت پير سائين جن جي هن ارشاد مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن طالب کي جذبي وقت ما سويٰ الله جو سپ سڏون ڪپجي ويون تہ پوءِ فنا حقيقي سان مشرف ٿيندو ۽ بشريت وري اصلي نہ موٽندي ۽ اهو ان ٽاري وانگر آهي، جيڪا وڻ کان بلڪل جدا ٿي ۽ خشڪ ٿي وئي جيڪڏهن جذبي وقت سپ سڏون ڪپجي سگهيون تہ ان کي عدم چوندا آهن، انهيءَ حالت ۾ بشريت جي موٽ جو خوف آهي پر جيڪڏهن الله تعاليٰ جي مهرباني سان عدم کان فنا سان مشرف ٿي وڃي، تہ ان جو فضل ۽ مهرباني ڪشادي آهي، جيڪڏهن نہ تہ پوءِ اهو ان اڌ ڪپيل ٽاري وانگر موٽي سگهي ٿو هن مقام تي پاڻ ڪريم هي سنڌي مصرعو پڙهندا هئا: ڊٽيان موٽيا ڊير کا کيان موٽيو ڪو نہ ڪو" ڊٽ جي لفظ مان مراد عدم آهي جو گهٽا سالڪ هن مقام کان موٽي آيا ۽ اصلي بشريت ۾ اچي ويا ۽ ڪاڪ جي لفظ مان مراد فنا حقيقي آهي هن جاءِ کان ڪوبہ سالڪ نہ موٽندو آهي هو صبح ڪاذب وانگر آهي ۽ هي صبح صادق وانگر آهي ۽ پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ سالڪ جذبي وقت جن خيالن کان جدا ٿي ويو ۽ ان جي دل ما سپ خيال بلڪل محو ٿي ويا تہ هاڻي ان انهن کان چوٽڪارو لڏو ۽ اهي خيال جيڪي جذبي وقت بہ باقي رهيا، انهن کان ڇٽي نہ سگهندو ايتري قدر جو حشر جي ڏينهن جڏهن حساب کان بعد جنت ۾ داخل ٿيندو تڏهن بہ انهن خيالن جي ڪشش باقي رهنديس.

نقل 5: هڪ ڀيري حضرت پير سائين جن نقل ارشاد فرمايو تہ ڪنهن ماڻهوءَ حضرت سيد الطائفہ شيخ جنيد بغدادي رحمۃ اللہ علیہ کان سوال ڪيو تہ ولي کان زنا ٿي سگهي ٿي يا نہ؟ شيخ صبر ۽ سڪوت سان اکيون بند ڪري فڪر ۾ ويو، ٿوري گهڙيءَ کان بعد مٿو مٿي کڻي فرمايائين تہ جيڪڏهن الله جي ارادي ۾ آهي تہ ٿي سگهي ٿو ورنہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي چو تہ اولياءَ الله پنهنجي ارادي کان بالڪل خالي آهن.

نقل 6: صاحبزادو ميان محمد عطا نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ شخص تنو نالي مجذوب پنهنجي مرشد جي صورت ۾ اهڙو فنا ٿي ويو، جو ظاهراً سندس صورت شيخ جي صورت جهڙي ٿي وئي:

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تو من شدی من تو شدم تو جان شدی من تن شدم
تا کس نگوید بعد زین من دیگرم تو دیگری

(يعني تون مان ۽ مان تون ٿي ويا سون تون ساھ تہ آئون جسم ٿي ويس، ھن کان بعد ڪوبہ ائين نہ چوي تہ آئون پيو تہ تون ڪو پيو آھين!)

نقل 7: خليفو لقمان، يعقوب فقير ڏيٽي کان ۽ اھو ميان قابل شاھ کان نقل ڪري ٿو تہ ھڪ ڏينھن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا! فنا ڇا کي چوندا آھن؟ جواب ۾ فرمايائون تہ توھان کي ڪري ٿا ڏيکاريون پوءِ پاڻ مٿي کان وٺي پيرن مبارڪن تائين چادر ڍڪي آرام ۾ ويا ۽ جسم مبارڪ اھڙو تحليل ٿي ويو، جو رڳو ڪپڑو وڃي رھيو ان وقت ڏاڍي پريشاني ٿي تہ ھي سوال ڇو ڪيم؟ ۽ ادب جي ڪري ڪپڑو کٽي بہ نہ پيو سگھان آخر وجود مبارڪ وجود ۾ آيو ۽ پاڻ ڪريمن فرمايو تہ فنا انهيءَ کي چوندا آھن.

ڪنديه پبليڪشنز ، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل چهون
همیشہ حاضر دل رهڻ

نقل 1: غريق بحر عرفان خليفو فقير لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن سان سفر ۾ هئاسون، هڪڙي ڏينهن فقيرن هڪ ميدان ۾ گهوڙا ڊوڙايا جڏهن فارغ ٿيا، ان وقت پاڻ ڪريمن فرمايو تہ يارو! گهوڙن ڊوڙائڻ وقت توهان جون دليون حاضر هيون يا نہ؟ ڪن چيو دل حاضر هئي، ڪن چيو حاضر نہ هئي، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ گهوڙن ڊوڙائڻ وقت جن جون دليون حاضر هيون انهن کي گهوڙا ڊوڙائڻ جائز آهن ۽ جن جون دليون حاضر نہ هيون انهن کي گهوڙا ڊوڙائڻ حرام آهن:

دل بدست آ ہر چہ خواهی کن
حق نگهدار کج کلاهے کن!

يعني دل حاضر رک پوءِ جيڪي وٹئي سو ڪر، حق کي نگهه رک پوءِ پل ڪٹي ڏنگي ٽوپي پاءِ)

دل بدست آور کہ حج اکبر است
از هزاران کعبہ یکدل بہتر است

(دل هٿ (راضي) ڪر جو هي حج اڪبري آهي ۽ هزار ڪعبن کان هڪ دل بهتر آهي!)

کعبہ بنگاہ خلیل آزر است
دل گذرگاہ جلیل اکبر است

(ڪعبو حضرت خليل جو ٺاهيل آهي ۽ دل الله تعاليٰ جي گذر گاه آهي)

نقل 2: هڪ پيري حضرت پير سائين جن سان صاحبزادا بہ سفر ۾ گڏ هئا طعام استعمال ڪرڻ وقت صاحبزادن کي فرمايائون تہ بابا! طعام بہ کائو ۽ دل بہ حاضر رکو يعني جڏهن گرهه وات ۾ وجهو تڏهن اسم الله جو تصور ڪريو ۽ جڏهن نڙيءَ کان هيٺ لاهيو، تڏهن اسم هُوجي کي تصور ۾ آڻيو!

نقل 3: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ جڏهن ماڻهو بهشت ۾ داخل ٿيندو، تڏهن کوبہ ڏڪ نہ هوندس، مگر جيڪو ساهہ دنيا ۾ الله جي ياد کان سواءِ ڪنيو هوندائين، ان کي تمام شرمسار ۽ غمگين پريشان هوندو:

دمے بے حق زدن محض گناہ است
بخود مشغول بودن کفر راہ است

(بغير ياد حق جي ساھ ڪٽڻ گناھ آھي، پاڻ سان مشغول ٿيڻ ڪفر جي واٽ آھي)

نقل 4: ھڪ دفعي حضرت پير سائين جن گھوڙن جي سواري تي ڪنھن سوڙھي جاءِ کان لنگھيا، جنھن جاءِ تي ٻنھي طرفن کان پاڻي ھو ۽ گھٽي اچ وچ جي ڪري سڄي گپ ٿي ويئي ھئي، اتان ھلڻ ۾ تمام ڏکيو ھو، جيڪڏھن لنگھندڙ اتان ڌيان ڪري لنگھيو ٿي تہ ٺيڪ ورنہ ترڪيو ٿي ان وقت پاڻ ڪريمن فقيرن کان پڇيو تہ متان ڪنھن کي خدا وسريو آھي، ڪنھن ۾ جواب نہ ڏنو، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اللہ تعاليٰ وسرٽو ئي نہ آھي:

یک چشم زدن غافل زان ماہ نباشم
ترسم کہ نگا ھے کند آگاہ نباشم

(يعني اک چنپ جيترو ۾ ان محبوب کان غافل نہ ٿيندس، جو ڏڃان ٿو متان نظر کٽي ڪري ۽ آئون آگاھ نہ ھجان)

نقل 5: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ ھڪ صادق البيان فقير چيو تہ ھڪ ڏينھن حضرت پير سائين قدس سرہ جن جنھن جاءِ کان لنگھيا ٿي، سا تمام تنگ ۽ ڏکي ھئي ۽ ھلندڙن کي اتان ھلڻ تمام ڏکيو ھو، ان وقت لاءِ پاڻ ڪريمن فرمايو تہ اسان کي خيال آيو تہ فقيرن کان دل جي حاضري جو سوال ڪريان؟ پر وري ھي خيال دل ۾ آيو تہ "ظُنُّوْا بِالْمُؤْمِنِيْنَ خَيْرًا" (يعني مؤمن ۾ چگو گمان ڪريو) مطابق چا لاءِ فقيرن جي جماعت ۾ بدگماني ڪريان اميد تہ سيني جي دل خدا سان مشغول ھوندي.

نقل 6: ھڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ فتح علي ڪٽي جي دعوت تي ساماري ڏانھن آيا پي، واٽ ۾ تتر نظر آيا پاڻ ڪريمن گھوڙا انھن جي پويان لڳايا ۽ مينھن ۾ وُڻل ھو، جنھن ڪري زمين سڄي گپ ۽ آلي ٿي وئي ھئي ۽ گھوڙن ڊوڙائڻ ۾ ترڪڻ جو خوف ھو ان وقت گھوڙا ڊوڙائيندي فرمايائون تہ ھن وقت ھوشيار ٿيڻ کپي.

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

باب نائون

هن ۾ چار فصل آهن!

فصل پهريون
حقيقت محمدي ﷺ

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حقيقت محمدي، عليٰ صاحبها الصَّلواة والسَّلام جي فضيلت ۾ ٻين نبين سڳورن جي ظهور جي حقيقت مثال جي روشني ۾ بيان ڪئي ته: چند پهرين تاريخ کان تيرهين تائين ڪمال ڏانهن وڌندو رهي ٿو، تانجو ڪامل ٿئي ٿو، ان کان پوءِ وري آهستي آهستي گهٽجي غائب ٿيو وڃي، اهڙي طرح حقيقت محمدي نبين سڳورن جي مختلف لباسن ۾ مختلف جلوا ظاهر ڪندي، آخر هن مبارڪ صورت ۾ تمام ۾ ڪامل ٿي ڪري ظاهر ٿي ۾ ڪلي ۾ جزي ڪمالن ڪي جامع ٿي. اي عزيز! هن جاءِ تي هيءَ صحيح حديث موافق آهي: لَوْلَاكَ لَمَا اَظْهَرْتُ الرُّبُوْبِيَّةَ، لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ. (الله تعاليٰ فرمائي ٿو اي محبوب جيڪڏهن تون نه هجين ها ته آءٌ پنهنجي ربوبيت (رب هجڻ) هرگز ظاهر نه ڪيان ها، اي محبوب جيڪڏهن تون نه پيدا ڪيو وڃين ها ته آئون افلاڪ هرگز نه ٺاهيان ها) در حقيقت، حقيقت محمدي، عليٰ صاحبها الصلواة والسلام، سڀني نبين سڳورن جي حقيقت ۾ سڃي مخلوقات ۾ الله تعاليٰ جي وچ ۾ وسيلو آهي. ٻيون حقيقتون ٽاريون آهن ۾ سندن اصل، حقيقت محمدي آهي. ۾ هن حقيقت جي وسيلي سان سڀئي انبياء پنهجي مرتبي ۾ قرب جي پهتا. چوندڙ ڪهڙو نه چڱو چيو آهي:

هر که در راه محمد ره نيافت
تا ابد بوئے ازين درگه نيافت

(جنهن حضرت نبي ڪريم جي واٽ کي حاصل نه ڪيو اهو ابد تائين هن درگاهه جي بوءِ به نه لهندو)

نقل 2: هڪ ڏينهن محمد خان ٽالپر جي ٽنڊي ۾ مون (خليفو محمود نظاماڻي) ۾ خليفي ميان لقمان جي وچ ۾ بحث ٿيو. خليفي لقمان چيو ته حقيقت محمدي غير مخلوق ۾ عين ذات آهي مون هن کي چيو

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تہ مون کان هن مقام جي نفي ڪرائي وئي آهي ۽ ترقي ڏيارِي وئي آهي اهو بحث ڪاغذ تي لکي حضرت پير سائين جن جي خدمت اقدس ۾ سندن فيصلي لاءِ عرض رکيوسون، ڪيترا ڏينهن گذري ويا پر جواب نہ آيو، خيال ٿيو تہ شايد عريضو پاڻ ڪريمن کي نہ پهتو، جڏهن پاڻ لاڙ جي دعوتن تي اسريا تہ آئون ۽ خليفو ميان سلطان فقير، شهداد پور ۾ اچي زيارت کان مشرف ٿياسون. قدم بوسي ڪرڻ کان پوءِ ڪجهہ دير رکي مون عرض ڪيو تہ حضرتا! اسان هن کان اڳ هڪ عريضو لکي موڪليو هيوسون، اهو پهتو يا نہ؟ پاڻ فرمايائون: ڇا جي متعلق هو؟ مون عرض ڪيو، حقيقت محمدي جي متعلق. پاڻ فرمايائون تہ اهو ڪير آهي جيڪو حقيقت محمدي جو انڪار ڪري ٿو؟ ٿوري دير کان پوءِ عرض ڪيم تہ حضرتا! مون کان ان مقام جي نفي ڪرائي وئي آهي پاڻ فرمايائون تہ، اسان تہ آخرت ۾ بہ الله تعاليٰ کي ان صورت ۾ ئي ڏسنداسون.

هن باب ۾ گهڻي گفتگو هلي، ان وقت مون کي ميان قابل شاهہ چيو تہ تون ان جي نفي نہ چئو، بلڪ ذات وراءُ الورا، (وهم کان پاهر يعني خدا جي ذات) چئو ۽ پير سائين جن بہ ائين ئي ٿي فرمايو. پوءِ عرض ڪيم تہ حضرتا! اوهان جي فرمان مبارڪ جي ادب ڪري مڃان ٿو، پر دل ان تي آهي جيڪو ڏٺو اٿس سا منهنجي تابع نہ آهي، پاڻ فرمايائون تہ ڪو ڪتاب ڏسڻ گهرجي مون عرض ڪيو تہ مڪتوبات حضرت خواجہ احمد سرهندي (مجدد الف ثاني) ؟ وراٽيائون تہ هائو. پوءِ پاڻ جڏهن درگاهہ مبارڪ تي تشريف فرما ٿيا تہ مون اهو مڪتوب خواجہ صاحب جو، جيڪو هن جاءِ واري مقام بابت هيو، کولي پير سائين جن جي اڳيان رکيو، پاڻ سڳورا جڏهن هن عبارت تي پهتا: "که محمد رسول الله صلی الله علیه وآله وسلم بآن علوشان داغ حدوث وبشریت دارد"

(يعني حضور اڪرم ﷺ جن باوجود ان اعليٰ ۽ ارفع شان جي، ظاهر ۾ بشري لباس ۾ مخلوق هجڻ جو داغ رکن ٿا).

حضرت پير سائين جن اتي ڪجهہ ترسي مڪتوب جي اڳتي عبارت پڙهيائون جڏهن مڪتوب جي پيڇاڙي ۾، حضرت مخدوم مولانا جامي السامي جي انهن بيتن تي پهتا، جيڪي جامي صاحب حقيقت محمدي جي شوق ۾ چيا هئا، جن کي خواجہ مجدد الف ثاني رحمۃ الله عليه، شهادت جي طور مڪتوب ۾ آندو هيو، تہ پاڻ سڳورن گلاب جي گل وانگر ٽڙي فرمايائون تہ خواجہ صاحب تہ مُلن جي منهن تي هٿ ڦيري ڇڏيو آهي. اي عزيز! ٽيهن سالن کان گهڻي مدت گذري وئي، پر هن مقام جي تحقيق جو پورو مشاهدو هاڻي نصيب ٿيو مون کي جيڪا نفي ڪرائي وئي هئي سو اهو مقام ظل جو (پردي ۾ غير کي ذات حقيقي سمجهڻ) هو، جنهن کي مون سڪر جي غلبي کان اصل الاصل خيال ٿي ڪيو، ۽ انهيءَ مقام تي حضرت پير سائين جن جو هي ارشاد تہ: اسان آخرت ۾ بہ الله جي زيارت صرف انهيءَ لباس (صورت) ۾ ڪنداسون، اشارو آهي اصل الاصل حقيقت محمدي جي طرف، جنهن کي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حقيقت احمدي ۾ چئبو آهي جو تہ حقيقت محمدي اصل ۽ حقيقت احمدي، اصل الاصل آهي. حقيقت محمدي ۽ حقيقت احمدي جي درميان الله تعاليٰ جا باريڪ راز ۽ نڪتا آهن، جن کي ان جاءِ تي پهچڻ کان سواءِ ڪوبہ سمجهي نہ ٿو سگهي حافظ شيرازي رحمۃ اللہ علیہ ڪهڙو نہ سٺو فرمايو آهي:

هزار نكته باريک تر ازمو اينجاست
نه هر كه سر بتراشد قلندرے داند

(وار کان بہ وڌيڪ سنهڙا، هزارين نڪتا هن جاءِ تي آهن، هر مٿي ڪوڙيل قلندر انهن کي نہ جاڻي سگهندو)

نقل 3: جڏهن مون (جامع ملفوظات) کي خلافت جي چٽ سان مشرف فرمايائون، ان وقت توجہ ايترو زوردار هو، جو اهو جيڪڏهن لکڻ تي پوي ها تہ سيني کي پاڻ کان بيخبر ڪري ڇڏي ها ۽ مجذوب ڪري ڇڏي ها، پوءِ اسان هڪ دفعي درگاهہ مبارڪ تي پهتاسون، ان وقت پاڻ درياهہ جي هُن طرف (لاڙڪاڻہ) ڏانهن سفر لاءِ روانہ ٿي ويا هئا، پوءِ اسان بہ اتي وڃي زيارت کان مشرف ٿياسين حضرت پير سائين جن فقيرن جا (جذبي وارا) حال ڏسي فرمايائون تہ شايد ماموئي جي بيتن ٻڌڻ ڪري اهو اثر ٿيو آهي.

لڳندي لاڙان، سونچو ٿيو سري مان!

پوءِ فرمايائون تہ ڪهڙو حال آهي؟ مون عرض ڪيو تہ حضرتا حقيقت محمدي جو ظهور ٿيو آهي، جنهن ڪري خلق ۾ جوش پيدا ٿيو آهي، اي عزيز! اصل حالت هن طرح هئي تہ جڏهن فنا في الشيخ ڪماحقه حاصل ٿي، ان وقت هي وجود، شيخ (مرشد) جي صورت ۽ حقيقت ۾ رنگجي ويو، ان کان بعد اها صورت، حقيقت سان گڏجي هن وجود ۾ متجليٰ (روشن) ٿي، اهڙو نمونو ڏيکاريو جو خلق ۾ ولولو پئجي ويو، جنهن ذڪر فڪر ۾ رڌل عوام کي بيخبر ڪري ڇڏيو.

كندريه پبليكشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

فصل بيون

كعبة الله شريف جي فضيلت

نقل 1: هيڪر حضرت پير سائين جن حديث مبارڪ مان بيان فرمايو تہ: هڪ ڏينهن حضرت نبي ڪريم جن ارشاد فرمايو تہ بيت المقدس ۾ هڪڙي نماز ٻين مسجدن جي ست سؤ نمازن کان افضل آهي اهو ارشاد ٻڌي صبح جو هڪ اصحابي سڳوري پاڻ سونهارن کان اجازت گهري پاڻ فرمايائون تہ ڪاڏي ٿو وڃين؟ اصحابي سڳوري عرض ڪيو تہ حضرتا! توهان ڪالهہ بيت المقدس ۾ نماز پڙهڻ جي فضيلت ٻڌائي هئي، سو اتي نماز ادا ڪرڻ وڃان ٿو تڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ بيت المقدس ۾ ست سؤ نمازن پڙهڻ کان هڪ نماز ڪعبي شريف ۾ (جيڪو منهنجو مسجود اليه آهي) گهٽو پلي آهي.

نقل 2: مون (جامع ملفوظات) هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن کان، سوال ڪيو تہ حضرتا حقيقت محمدي ۽ حقيقت ڪعبة الله شريف مان ڪهڙي حقيقت فضيلت واري آهي؟ پاڻ ٿي ڏينهن ڪوبہ جواب نہ ڏنائون چوٿين ڏينهن فرمايائون تہ: حقيقت محمدي سيني حقيقتن ۽ صفتن جي ماءُ آهي ۽ ڪعبة الله شريف جي حقيقت جو اصل بہ حقيقت محمدي آهي يعني اصل جي اعتبار سان حقيقت محمدي بلند ۽ فضيلت واري آهي ۽ صفت جي اعتبار سان (جو ڪعبتہ الله شريف مسجود اليه آهي) ڪعبة الله شريف کي شرف ۽ بلندي حاصل آهي ڇو تہ حضور جن جو مسجود اليه آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي بيت المقدس کان پلو آهي جيتوٽيڪ اهو سيني نبين سڳورن جو مسجود اليہ آهي، پر جڏهن تہ حضور اڪرم ﷺ سيني نبين سڳورن جا سردار آهن. ان ڪري ڪعبة الله کي بيت المقدس تي فضيلت حاصل آهي.

نقل 3: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان فرمايو تہ هڪ اصحابي سڳوري حضور اڪرم ﷺ جن کان سوال ڪيو تہ حضرتا! اوهان سونهارن جي عزت وڏيڪ آهي يا قرآن شريف جي؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ قرآن پاڪ جي عزت وڏيڪ آهي وري ان اصحابي سڳوري عرض ڪيو تہ حضرتا! پلا اوهان سونهارن جي عزت وڏيڪ آهي يا ڪعبي شريف جي؟ پاڻ فرمايائون تہ ڪعبي شريف اسان جو قبلو ۽ سجدو گاهہ آهي، انهيءَ سبب ڪعبو اسان کان پلو آهي.

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٽيون

كامل پانهي جو عروج ۽ نزول

(۽ معراج شريف جي مسئلہ تي سندن محققانہ خط، جيكو هڪ سائل جي جواب ۾ لكيائون)

نقل 1: حضور سرور كائنات ﷺ جن معراج جي رات، الله تعاليٰ جل شانه كي مٿي مبارك جي اكين سان ڏٺو يا نہ؟ انهيءَ بابت صحابين سڳورن كان مختلف روايتون آهن، حضرت بيبي عائشہ صديقہ ۽ اصحابين جي هڪ جماعت انكار كري ٿي مگر حضرت ابن عباس رضی اللہ عنہ ۽ اصحابين جي هڪ وڏي جماعت جي روايتن مطابق حضور سرور كائنات ﷺ جن مٿي جي اكين سان رب كريم جي زيارت كئي آهي. تابعين ۾ بہ ساڳيو اختلاف موجود آهي ۽ انهن وٽ ترجيح جو دليل واضح نہ آهي، پر جمهور مفسر ۽ محدث سڳورا، حضرت ابن عباس رضی اللہ عنہ جي مسلك مطابق ثبوت جا قائل آهن شيخ محي الدين نووي رحمۃ اللہ علیہ چيو آهي تہ عالمن وٽ راجح تحقيق اهائي آهي تہ حضور سائين جن الله تعاليٰ كي ظاهري اكين سان ڏٺو آهي.

حضرت بيبي عائشہ صديقہ وٽ سندس دعويٰ لاءِ تہ كا حديث شريف آهي ئي كانہ.

باقي بيبي صاحبہ قرآن پاك جي ٻن آيتن جي روشني ۾ اجتهاد كان كم ورتو آهي: "وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْ مِنْ وَّرَآئِ حِجَابٍ " (سورة الشورىٰ: آيت ۵۱) كنهن بہ انسان سان الله تعاليٰ وحي ذريعي يا پردي پويان ئي كلام فرمائيندو آهي) ٻي آيت: "لَا تُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ ۫ وَهُوَ يُدْرِكُ الْاَبْصَارَ ۚ "(سورة الانعام: آيت ۱۰۳) (كابہ اك رب جي حقيقت كي پهچي نہ ٿي سگهي) جڏهن تہ هنن آيتن مان رؤيت جي انكار جو كوبہ ثبوت نہ آهي ڇو تہ پهرين آيت ۾ ديدار جو نہ، پرديدار جي وقت كلام جو انكار آهي ۽ ٻي آيت ۾ احاطو كرڻ (گهيري وڻڻ) جو انكار آهي، باقي مطلق زيارت جو تہ كنهن بہ طرح انكار كونهي.

اكثر عالمن سڳورن، سيد المفسرين حضرت ابن عباس رضی اللہ عنہ جي قول تي يقين ۽ اعتماد ظاهر كيو آهي ڇو تہ "نقل" سان متعلق اهڙو قول اصحابي پنهنجي طرف كان چئي نہ ٿو سگهي ۽ ان وٽ ضرور كا روايت هوندي.

حضرت ابن عمر رضی اللہ عنہ بہ انهيءَ قول ڏي رجوع كيو آهي جڏهن كانؤنس پڇيو ويو تہ "هَلْ رَاٰى مُحَمَّدٌ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَبَّهٗ" يعني ڇا حضرت محمد كريم ﷺ پنهنجي رب كي ڏٺو؟ جواب ۾

فرمايائين، رَآهُ! (هائو پنهنجي رب کي ڏٺائين)

اهڙي طرح حضرت ابن عمر رضي الله عنه شڪ کي قطعي طرح دفع ڪري ڇڏيو آهي ۽ عمرو بن راشد رضي الله عنه فرمايو آهي ته بيبي صاحبہ کان حضرت ابن عباس اعلم (وڏيڪ ڄاڻندڙ) آهي.

۽ پڻ صوفي مشائخن کان بہ اکين سان ڏسڻ جو ثبوت آيل آهي. حقيقت هيءَ آهي ته حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم جن جو ڪمال، خلق جي سمجھ کان ٻاهر ۽ گهڻو متي آهي، خاص طرح معراج جو مقام جيڪو هر طرح ڪامل، اعليٰ ۽ انتهائي قرب وارو مقام آهي

پڻ دنيا ۾ باري تعاليٰ جي زيارت ممڪن هجڻ تي ته ڪوبہ اختلاف ڪونهي پوءِ جي قرب جي انتهائي اعليٰ مقام جي مالڪ حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم کي انهيءَ خاص وقت ۾ بہ زيارت نہ ٿي ته پوءِ ٻيلا زيارت ڪٿي ٿيندي؟ (سبحان الله..!) الله تعاليٰ جي زيارت جيڪڏهن آخرت ۾ ئي خاص ڪئي وئي آهي ته بہ هن دنيا ۾ هتي جي مناسبت سان زيارت ٿي سگهي ٿي ۽ جيتوٽيڪ تفصيلي حالت ۾ فرق بہ ٿي سگهي ٿو.

جيئن ته هن مسئلي جو واسطو علم ۽ نقل سان آهي تنهن ڪري ايتري تي ڪفايت ڪئي وئي، جڏهن ته حقيقت ۽ معرفت وارن وٽ هتي ايجان وڏيڪ گفتگو فرمايل آهي، لطائف قشيريہ ۾ آهي:

مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى (سورة النجم: آيت ١١) اى ما كذب القلب ولا انكر ولا ارتاب فيما راى العين بالعين اعيانا و شاهدا بالبصر ربه كفاه قوله تعالىٰ: افتمارونه علىٰ ما يرىٰ افتشكون علىٰ ماراىٰ محمد صلى الله عليه وسلم من ذات ربه و صفاته تعالىٰ فلا تشكو فيه، هٰذا روية النبى صلى الله عليه وآله وسلم ربه جل وعلىٰ بعين الراس معائنة و كفاهه

(يعني الله تعاليٰ جو قول "ما كذب الفواد" جي معني آهي ته حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم جن جيئن اکين سان روبرو رب ڪريم جي زيارت ڪئي، تنهن ۾ سندن دل نہ انڪار ڪيو نہ ئي کين ڪو شڪ گذريو الله جو قول "اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى" (سورة النجم: آيت ١٢) جو مطلب هي آهي ته حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم پنهنجي رب جي ذات ۽ صفات کي اکين سان ڏٺو ڇا توهان کي ڪو شڪ آهي؟ جي ائين آهي ته اوهان کي ائين نہ ڪرڻ گهرجي ڇو ته حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن پنهنجي رب کي متي جي اکين سان ڏٺو آهي!

نقل 2: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن کي عرض ڪيم ته حضرتا! جذب ۽ سڪر ۾ هڪڙي حالت پاڻهي غائب ٿي ويندي هئي ته ٻي حالت هٿ ٿي آئي ۽ جلدي ۾ اهڙي ترقي پئي ٿي، جو عقل سمجهي نہ ٿي سگهيو پر هاڻي ڪوشش ڪيان ٿو ته ترقي ٿئي ٿي نہ ته بس. پاڻ فرمايائون سالڪ انهيءَ واپاريءَ وانگر آهي، جيڪو سو روپين مان واپار ڪري ڏهوٽو ڪمائي، وري موڙي ۽ نفعو گڏائي ڏهہ هزار روپيا ڪمائي، پر پوءِ جي واپار نہ ڪندو ته جڙ پاڻ کي لک روپين جو نقصان وڏائين:

نہ صفتش غایت دارد نہ سعدی را سخن پایان
بمیرد تشنہ مستسقی ودریا ہمچناں باقی

(نہ انهيءَ جي حسن جي تعريف جي حد ۽ نہ سعدي جي ڳالهہ کٹندڙ. جلندر جو بيمار اڃ مري وڃي، پر درياهہ ساڳي حال ۾ باقي هوندو)

نقل 3: هڪ ڏينهن ميان قابل شاهہ کي چيم تہ عارف هن جسم سان ئي ڇهہ لطيفن وانگر عروج ڪري ٿو؟ ميان قابل شاهہ انڪار ڪندي چيو تہ اها حالت حضور سرور ڪائنات ﷺ کان سواءِ ڪنهن بہ ولي خواهہ نبي کي نہ ملي آهي. شايد توهان جي ڪليه (روح) عروج ڪيو هجي ۽ تون جسم جو عروج سمجهندو هجين. مون چيو تہ هي جسم جو عروج آهي ميان قابل شاهہ چيو تہ موسيٰ کي تہ پاڪ وادي ۾ بہ جوتن لاهڻ جو حڪم مليو تہ پوءِ ٻئي ڪنهن کي کهڙي مجال آهي؟ مگر مون سندس ڳالهہ تي يقين نہ ڪيو ۽ سڃي ڪيفيت حضور پير سائين جن کي اچي عرض ڪيم. پاڻ اعتڪاف ۾ هئا. مون کي فرمايائون تہ ميان قابل شاهہ خواهہ مخواهہ پنهنجي ڳالهہ زوري مڃرائي ٿو. ۽ ٻئي جي ڪيفيت تي يقين نٿو رکي!

جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن جسماني معراج ڪيو ۽ ظاهري اکين سان الله تعاليٰ جو مشاهدو ماڻيائون تہ ساڳي رستي سان سندن خادم. سندن برڪت ۽ معيت ۾ حاضر ٿي سگهن ٿا جيئن بادشاهہ جي رستي سان بادشاهہ جو لشڪر بہ منزل تي پهچندو آهي:

نہ بشر خوانمت ای دوست نہ حورو نہ پری،
این ہمہ بر تو حجاب است تو چیزی دیگری۔

(اي دوست! آءٌ نہ توکي بشر چئي ٿو سگهان نہ حور ۽ نہ پري، هي تہ سڀ تو تي حجاب آهن تون ڪا بي شيءِ آهين)

نقل 4: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حديث مبارڪ مان بيان فرمايو تہ حشر جي ڏينهن هڪ جماعت هوندي، جيڪا هوا ۾ اڏامندي ويندي، جڏهن قيامت جي ميدان کان لنگهندي ۽ شور گوڙ ٻڌندي، تڏهن پاڻ مان هڪ رفيق کي موڪليندا تہ انهيءَ جي خبر لهي اچ، پوءِ اهو اتي پهچي سڃي ڪيفيت معلوم ڪري اچي هنن کي ٻڌائيندو تہ هي گوڙ ماڻهن جو آهي، جن کان الله تعاليٰ حشر جي ميدان ۾ حساب ونڊي رهيو آهي پوءِ پاڻ ۾ چوندا تہ اسان جو انهن سان ڪو ڪم نہ آهي، اهڙي طرح اتان بي فڪر ٿي پرواز ڪري لنگهي هليا ويندا هي اها جماعت آهي جيڪا معنوي ملڪ ۾ عروج ڪري حشر جي ڏينهن تائين اڏامڻ ۾ هوندي ۽ نزول (لهڻ) اصل نہ ڪندي.

نقل 5: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ڪڇ جي سفر کان موتي خيرو فقير ٽالپر جي شهر ۾

سهتي فقير جي جاءِ تي تشريف فرما ٿيا هئا. اتي مون کي سيئي شغل عنايت فرمائي پورا کرايائون، ان کان بعد مون عرض کيو ته حضرتا! هن کان پوءِ به کو شغل آهي؟ پاڻ فرمايائون ته في الحال سڀ پورا ٿي ويا، باقي هن تي يقين باقي آهي ان کان پوءِ گهٽن ڏينهن گذرڻ بعد سيئي شغل ۽ ذکر ۽ جو کجهه حاصل ٿيو سيئي لا جي هينان اچي ويا ۽ عروج جي قسم جي هڪ ٻي حالت ظاهر ٿي جيڪا جذب ۽ سلوڪ کان بعد ايندي آهي، ان کي يافت (لهڻ) نايافت (نه لهڻ) جي کا به خبر نه رکيم جڏهن درگاهه مبارک تي آيس، پاڻ کريمن جي حضور ۾ عرض کيم ته حضرتا! سالک لا الٰهَ کان عروج کري الا لله تائين پهچي ۽ اتان عروج کري، محمد رسول الله (ﷺ) تائين پهتو پوءِ اتان وري لا الٰهَ وٽ پهتو هيءَ کهڙي حالت آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون ته ان کي ايان عروج ۾ کجهه حصو رهيل آهي، جنهن کري وري حاصل کرڻ لاءِ ڦريو آهي ان وقت مون کي فنا جي حالت ۾ ويهه سال گهٽ وڌ گذري چکا هئا ۽ ان حالت ۾ اهڙو عروج هو جو هڪ گهڙي به بينو نه ٿي، جو کجهه غيب کان عطا ٿيو ٿي، اهو اصلي حالت کان گهٽو زياده هو ۽ سڀ لا جي هينان اچي ويو ٿي ان کان پوءِ بقا حاصل ٿي جيڪڏهن سؤ (۱۰۰) سال کو ماٹهو ان جي نفي کري ها ته به هرگز نفي نه ٿئي ها.

نقل 6: هيکر خليفي ميان صاحب ڏني مون (جامع ملفوظات) ڏانهن پنهنجي عروج جي حقيقت لکي موڪلي، مون اها حضرت پير سائين جن جي اڳيان پيش ڪئي خليفي لکيو هو ته مون کي عروج معراج جي واڻ سان کرايائون، ان معراج ۾ توهان (جامع ملفوظات) به مون سان گڏ آهيو حضرت نبي کريم ﷺ اسان ٻنهي جي اڳيان هئا، انهن جي پويان توهان ۽ توهان جي پويان مان ويس پي، ۽ انهن منزلن ۽ مرحلن طي کرڻ واري حالت ۾ هڪ مقام کان ٻي مقام تائين رسايائون. ان کان بعد هڪ اهڙي جاءِ تي پهتس جنهن کي مقام انبياءِ ڪرام جي نالي سان سڏيائون ٿي، ان مقام ۾ حضرت موسيٰ بينو هو ۽ حضور ﷺ جن کان توهان جي متعلق پڇيائين ته هن شخص جو نالو ڇا آهي؟ حضرت نبي کريم ﷺ جن جواب ۾ فرمايو ته هي شخص انهيءَ جماعت مان آهي، جيڪا انبيائن سڳورن جي وارث آهي ۽ اتي ٻيا به ڏهه ٻارهن بزرگ حاضر هئا، توهان انهن جي لڙهيءَ ۾ ڳنڍجي ويا ۽ مان (يعني فقير صاحب ڏنو) اجازت کان پوءِ انهن ۾ داخل ٿيس، اها حالت کجهه ڏينهن هئي، ۽ ڇاڻائين پيا ته توهان جو مشرب موسوي آهي ۽ توهان جو قدم حضرت موسيٰ جن جي قدم مبارک تي آهي ۽ وري ٻي حالت ظاهر ٿي جو فرمائن پيا ته هاڻي توهان کي موسيٰ کان فيض آهي.

حضرت موسيٰ جي اڳواڻي ۾ هڪ مقام کان ٻئي مقام ڏانهن ويندي هڪ منزل تي پهتس. مون هٿ ڏکهو کيو ته موسيٰ پنهنجو پير مبارک انهيءَ تي رکيو ۽ اعليٰ مقام تي پهتس پڻ ڇاڻايائون ته توهان کي ڇهن بزرگ نبين جي کمالن مان حصو ڏنو ويو آهي هڪ دفعو کيفيت ۾ حضور اکرم ﷺ جي امت جي واسطي دعا گهرڻ جو حڪم ظاهر ٿيو حڪم موجب دعا گهريم. هڪ

دفعو مخدوم بلاول سيوهڙ واري جي روح کي ڏنم. سندس روحاني قوت جي وسيلي مٿين مقام ڏي ترقي ٿي. هيڪر فرمايائون توهان ڪائنات لاءِ وجود ۽ اصل آهيو. ۽ ڪائنات جا جزا وڻ وانگر آهن. جيڪڏهن وڻ کي پاڻي نہ ملندو تہ وڻ سڪي ويندو. پڻ منهنجو منهن خلق ڏانهن ڪندي دعوت جو حڪم فرمايائون منهنجي انڪار تي فرمايائون: خلق کي حق جي دعوت ڏيڻ کان وڌيڪ مقبول عمل ئي ڪونهي ۽ مثال ڏيئي فرمايائون تہ هڪ شخص رستي ۾ ڪنهن وات وڃايل کي منزل تي پهچائي تہ انهيءَ ۾ وڏو اجر آهي ٻين تڪليفن جو بہ حڪم فرمايائون پر مون انڪار ڪيو. تڏهن سلطان العارفين بايزيد جن مثال ڏيندي سمجهايائون تہ پهريائين سلطان العارفين بہ خلق جي رهبري کان انڪار ڪيو هو پوءِ فيض ۾ سندس ترقي روڪي وئي. تڏهن قبول ڪيائين ۽ ترقي ڪري سلطان العارفين جي اعليٰ مقام تي پهتو پڻ سڄي زمين کي ڪاغذ وانگر قدرت سان ويڙهي توجهہ جو حڪم فرمايائون هن امر موجب توجهہ ڪيم تہ سموري روءِ زمين کي سڪون حاصل ٿيو. پڻ فرمايائون تہ هن کان اڳي تنهنجو سير فنائيت وارو نہ هيو. پر پوءِ بہ توکي مقام اثبات ۾ سير ڪرايو ويو. هاڻي توکي ترقي تڏهن ڏني ويندي. جڏهن خلق کي حق جي دعوت ڏيڻ قبول ڪندين ۽ هر ولي سڳوري کي انهيءَ طرح ئي ترقي ڏني ويندي آهي ۽ ظاهر ڪيائون تہ توهان کي فقر محمدي ﷺ مان وڏو حصو بخشيو ويو ۽ هن سعادت جو شرف توکي عطا ڪيو ويو خلق جون امانتون تنهنجي حوالي ڪيون ويون ۽ توکي گهرجي تہ خلق کي دعوت ڏيئي پنهنجو فرض ادا ڪر ۽ واقف فرمايائون تہ هاڻي تنهنجو سير مقام الا الله (اثبات جو مقام) کان سير محمد رسول الله جي مرتبہ ڏي پهچايو ويو ۽ فرمايائون تہ توکي غير ثابت مقام کان تمڪين (ثابت) جي مقام تي ترقي ڏني وئي. ۽ پڻ حضرت سرور ڪائنات جي زيارت جي نعمت ملي تہ اتان بہ خلق جي دعوت جو حڪم مليو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ جي زيارت ڪيم تہ اتان بہ خلق جي رهبري جو حڪم مليو ۽ ظاهر ٿيو تہ جڏ حقيقت محمدي ﷺ ۾ سير ڪيان پيو هڪ دفعي ظاهر ٿيو تہ تمام گهٽي خلق منهنجي پٺيان ڊڪي. پر مون پڇي جند ڇڏائي پر وري سختي سان حڪم ٿيو تہ جيڪڏهن خلق کي دعوت نہ ڏيندين تہ زنديق (بي دين) ٿيندين. پوءِ حضرت پير سائين جن اهي ڪوائف پڙهي. خليفي صاحب ڏني کي خلافت جي پوشاڪ سان نوازيائون.

نقل 7: خليفو لقمان نقل ڪري ٻڌايو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن فرمايو تہ (طالب کي) پنڌ گهٽو ڪرائيندا آهن. اي عزيز! سچي طالب کي سندس محبت. صحت ۽ صلاحيت مطابق ڪمال ۽ مقام ۾ عروج حاصل ٿيندو آهي.

نقل 8: هن پانهي (جامع ملفوظات) کي طلب جي ڏينهن ۾. شروع کان آخر تائين قرآن ڪريم جون آيتون وارد ٿي ٿيون. توحيد جي حالت جي ابتدا ۾: "هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ" (سورة الحديد:

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آيت ٣) (يعني اهوئي اول، آخر، ظاهر ۽ باطن آهي) وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ ؕ(سورة الحديد: آيت ۴) اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ مَا يَكُوْنُ مِنْ نَّجْوٰى ثَلٰثَةٍ اِلَّا هُوَ رَابِعُهُمْ (الیٰ آخر) (سورة المجادله: آيت٧) (۽ اي انسان ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله کي آسمان ۽ زمين جي هر موجود شيءِ جي خبر آهي، جتي ٽن جي سرگوشي هوندي تہ ساٺن گڏ چوٿون خدا هوندو، جتي پنج هوندا تہ ڇهون خدا هوندو، انهيءَ کان گهٽ خواه وڌ هجن پر خدا ساٺن گڏ هوندو ڪٿي بہ هجن پوءِ قيامت ۾ سندن عملن جي ڪين خبر ڏيندو ۽ اهو هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو)

توحيد جي آخري حالت ۾: لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ؕ لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ (سورة المؤمن: آيت ١٦) جي آيت وارد ٿي (يعني اڄ ڪنهن جي بادشاهي آهي؟ الله واحد القهار جي) ۽ نزول جي شروع ۾ "وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ؕ" (سورة الطلاق: آيت ١) (جنهن الله جون حدون لتاڙيون تنهن پاڻ سان زيادتي ڪئي) ان کان پوءِ: اَحَاطَ بِكُلِّ شَيْءٍ عِلْمًا (سورة الطلاق: آيت ١٢) يعني الله کي هر شيءِ معلوم آهي) اهڙي طرح نزول جي آخر ۾، آخري آيت شريف وارد ٿي: اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَ اَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ (سورة المائده: آيت ٣) (اڄ مون توهان جي واسطي توهان جو دين ڪامل ڪيم ۽ پنهنجو احسان پورو فرمايو ۽ "دين اسلام" توهان جي واسطي پسند فرمايم) سو تفصيلوار ڪيفيت حضور شريف ۾ عرض رکندو ويس، حضرت پير سائين جن انهن جي حالت سمجهائيندا هئا، ڪن آيتن جو شغل ڏسيندا هئا ۽ پاڻ ڪريم شوق ڏيارينداهئا، پانهو پيدا ٿيل حال عرض ڪندو هو، پاڻ فرمائيندا هئا تہ توکي ان ڪري نٿو چوان تہ تون ڪو غافل ۽ ڪاهل آهين، بلڪ هن لاءِ تہ تون بہ حقيقت کان واقف ٿين ۽ پين کي بہ فائدو حاصل ٿئي. هنن آيتن سڳورين سان عروج، نزول، فنا ۽ بقا جي حقيقت سالڪ جي لاءِ ازلي مهرباني ۽ پير ڪامل جي شفقت سان ولايت جي هر مقام تي پهچڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ سالڪ ويچاري کي هر وک تي پير دستگير جي ضرورت آهي هتي هڪ بزرگ فرمايو آهي:

پير ره کبريت احمر آمده است
سينه او بحر اخضر آمده است

(مرشد خالص ڪيميا آهي سندس سينو، حقيقت جو سمنڊ آهي) درگاهه معليٰ جي ڪاملن، حقيقت ۽ معرفت جي ڪير پياڪن لاءِ جيڪي شغل ترتيب وار رکيا آهن، تن ۾ سالڪن جي دلين لاءِ نور جو سامان آهي پڻ هڪ جذبو پيدا ٿئي ٿو، جيڪو هر مقام کان حاصل ڪرڻ ممڪن نہ آهي ۽ سلوڪ جو سير بہ ان جذبي ۾ ڪپجي وڃي ٿو

نقل 9: مون (جامع ملفوظات) کي سکر جي ابتدا ۾ ڪڏهن تلوين (غير ثابت) جي ڪيفيت غالب ٿيندي هئي تہ ڪڏهن تمڪين (ثابت) جي ڪيفيت ۽ غيب کان هيءَ آيت دل تي وارد ٿيندي هئي: "وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ" (سورة الطلاق: آيت ۱) (جنهن الله جون حدون لتاڙيون تنهن پاڻ تي ظلم ڪيو) جڏهن مون اها ڪيفيت حضرت پير سائين جن کي پيش ڪئي تہ پاڻ فرمايائون هن آيت مان نزول (عروج جو ضد) جي ڪيفيت معلوم پئي ٿئي.

نقل 10: غريق بحر عرفان خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ اچلايل تير جي پنڌ جو مفاصلو، ڪمال جي طاقت مطابق هوندو آهي، جيتري قدر ڪمال سخت ۽ مضبوط هوندو، اوتري قدر تير کي پري سٽيندو آهي. اي عزيز! طالب بلند همت کي جيترو عشق ۽ محبت جو غلبو ڪمال تي هوندو، ان موافق مڙني ڪمالن ۽ مقامن جو عروج ۽ نزول حاصل ڪندو آهي.

فصل چوٿون
حقيقي اسلام

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جيسلمير جي سفر کان موٽ تي ريگستان ۾ هڪ جاءِ تي ظهر نماز ادا فرمايائون. فقير قادر ڏني سندن نماز لاءِ پنهنجي اچي چادر اچي وڇائي، جڏهن ته منهنجي عادت هئي ته مان پنهنجي ڪلهي جو انگوڇو سندن نماز لاءِ وڇائيندو هوس مگر انهيءَ ڏينهن چادر اڳ ۾ وڇائجي وئي، تنهن ڪري چپ ڪري ويس، انهن ڏينهن ۾ سڪر جي حالت سبب هڪ انگوڇو ۽ شلوار هوندي هيم. حضرت پير سائين جن نماز کان فارغ ٿي قادر ڏني فقير کي اشارو فرمايائون ته چادر فقير (مون) کي ڏي قادر ڏني فقير چادر مون کي ڏني، پر مون نه ورتي ۽ ٻئي دفعي به انڪار ڪيم. هن خيال کان ته مان ڪپڙا ڍڪڻ نه پر مولا جي طلب لاءِ آيو آهيان بي اختيار روئڻ آيو. ٽئين دفعي ساڳي طرح قادر ڏني فقير کي چادر ڏيڻ جو حڪم فرمايائون تڏهن دل ۾ القاءُ ٿيو ته هي چادر شريعت ۽ تقويٰ جي پوشاڪ آهي، اهڙي طرح توکي سڪر کان ڇڏائي شريعت ۽ حقيقي اسلام ۾ داخل ڪندا، تڏهن چادر ونڊي ڍڪيم.

نقل 2: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته ڪتاب زبدة الرشحات جو مطالعو ڪندي نظر آيو ته حضرت آدم کي شيطان ته سجدو نه ڪيو، پر فرشتن جي هڪ جماعت کي به حضرت آدم جي پيدائش جي خبر ڪانه هئي (جنهن ڪري اهي سجدو نه ڪري سگهيا هئا) مون کي انهن ڏينهن ۾ سڪر جي ڪري، نماز پڙهڻ ڏکي لڳندي هئي، جنهن ڪري عرض ڪيم ته حضرتا! هيءَ ڳالهه منهنجي حال جي تائيد ۾ فرمائي اٿو مون کي نماز پڙهڻ معاف ڪريو جواب ۾ ارشاد فرمايائون ته تنهنجي نماز خدا جي خلق جي واسطي فيض جو ذريعو آهي، سو توکي نماز پڙهائينداسون پوءِ جڏهن سڪر جي حالت حقيقي اسلام (جنهن ڏانهن اَلْاِيْمَانُ عُرْيَانٌ وَّلِبَاسُهُ التَّقْوٰى جو اشارو آهي) سان بدلي ۽ نماز پڙهڻ ۾ مشغول ٿيس، پوءِ ڳوٺ وڃڻ جي اجازت عنايت فرمايائون [1]

[1] هي نقل باب ٨ فصل ٣ ۾ به آيل آهي، مضمون جي لحاظ کان ٻنهي بابن تي موزون پيو لڳي (ف،ق،ع)

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

باب ڏهون

هن ۾ ٽي فصل آهن:

فصل پهريون
حضور اڪرم ﷺ جن جا معجزا

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ طائف شريف جي بدوين جي عادت هوندي هئي تہ جيڪڏهن مڪي شريف جي ماڻهن کي ڪو ٻار ڄمندو هو تہ انکي مزدوري تي ماءُ ۽ پيءُ کان وڌي وڃي پاليندا هئا. ان زماني ۾ حضور اڪرم ﷺ جن ٻہ تولد ٿيا، بدوي سڳورا مڪي وارن جا نوان ڄاول ٻار ڪٽي روانا ٿي ويا، مگر حضور اڪرم ﷺ جن کي يتيم سمجهي ڪنهن ٻہ نہ ڪنيو ۽ خدمت لاءِ ڪوبہ تيار نہ ٿيو. حضرت بيبي حليمہ جڏهن مڪي پاڪ پهتي تہ ڪيس ڪنهن بہ دولتمند جو ٻار نہ مليو، تڏهن لاچار ٿي، حضور اڪرم ﷺ جن جي خدمت کي غنيمت سمجهيائين ۽ پنهنجي ضعيف سواري واري خچر تي حضور ڪريم ﷺ جن کي سوار ڪري طائف رواني ٿي، اها ضعيف خچر حضور جن جي برڪت سان ايترو تکو ٿي هلي، جو سيني عورتن جي تيز ۽ طاقتور سوارين کان اڳ ۾ اچي طائف شريف پهتي ۽ پوءِ بيبي حليمہ جي مال پاڻ اندر، حضور سائين جن جي خدمت ڪرڻ سان تمام گهڻي برڪت پئي.

نقل 2: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن اسلام جي شروعاتي زماني ۾ ڪڏهن ڪڏهن حضرت ابو هريره صحابي رضی اللہ عنہ جي گهر تشريف آڻيندا هئا، اتي مڪي شريف جي وڏن امير ۽ رئيسن جون عورتون لکي اچي نبي پاڪ ﷺ جن کان دين سکنديون هيون، هڪ ڏينهن حضور ﷺ جن حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ جي گهر ۾ وينا هئا ۽ مڪي شريف جي رئيسن جون عورتون بہ حاضر هيون تہ پاڻ سڳورن ابو هريره کان پيئڻ لاءِ پاڻي گهريو، ايتري ۾ انهن عورتن مان هڪ عورت پنهنجو زيور (ڳهہ) ڪڍي، حضرت ابو هريره کي ڏنو تہ هن کي وڪڻي، نباتون وڌي شربت ٺاهي، حضور ﷺ جن کي پيار. حضرت ابو هريره نباتن وڻڻ لاءِ بازار ويو تہ اوچتو ڪيس حضرت عمر رضی اللہ عنہ مليو (جيڪو ان وقت اڃان مسلمان نہ ٿيو هو) پڇيائين تہ حضرت محمد ﷺ ڪٿي آهي؟ حضرت ابو هريره ٿوري دير سوچي چيو تہ منهنجي گهر ۾ تشريف فرما آهن حضرت عمر جلدي جلدي ان جي گهر آيو، نبي پاڪ ﷺ وٽ پهچندي سندن نظر مبارڪ جو شڪار ٿي ويو. اهڙيءَ طرح

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جيتوٽيڪ بروقت ايمان نہ آندائين مگر ايمان جي چٽنگ سندس دل ۾ ڏکي چڪي هئي، مدت گذرڻ کان پوءِ اسلام جي دولت سان مالا مال ٿيو، حقيقت ۾ ايمان جو بج انهيءَ ڏينهن ئي سندس دل ۾ پوکجي چڪو هو.

نقل 3: هيڪر حضرت پير سائين جن، حديث شريف مان بيان فرمايائون تہ هڪ ڏينهن هڪ صحابي سڳوري، حضور ﷺ جن جي دعوت ۾ هڪ گهيٽو پچائي تيار ڪري، ڪپڙي سان ڍڪي رکيو، حضور ﷺ جن صحابي سڳوري کان گهٽي جو هڪ بازو گهريو. صحابي سڳوري پيش ڪيو، پاڻ ڪريمن اهو بازو پين صحابين سڳورن سان گڏجي واپرايو. وري پاڻ ڪريمن پيو بازو گهريو. صحابي سڳوري پيو بہ حاضر ڪيو. ان جي واپرائڻ کان بعد، وري پاڻ سڳورن بازو گهريو. صحابي سڳوري عرض ڪيو تہ حضرتا! گهٽي ۾ بہ بازو ٿيندا آهن، حضور ﷺ جن فرمايو تہ جي تون منهنجي چوٽ موجب ڪپڙي جي هيٺان بازو ڪڍندو وڃين ها تہ قيامت تائين نہ ڪٽن ها.

نقل 4: احمد فقير صغير ناهيو نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ، هڪ ڀيري نبي ڪريم ﷺ جن رات جي وقت صحابين سڳورن سان گڏجي ڪافرن سان جهاد ڪرڻ لاءِ روانہ ٿيا، مگر هڪ صحابي سڳورو خدمت مبارڪ ۾ حاضر ٿي نہ سگهيو، ان جڏهن اچڻ جو ارادو ڪيو تہ رات جي اونداهي سبب گهر جي دروازي کان پلجي، ديوار وٽ پهتو، تنهن تي زال چيس تہ دروازو هن طرف آهي جڏهن دروازي جي ويجهو آيو، تڏهن حضور ﷺ جن جو فرمان ياد اچي ويس تہ زال جي (مشوري جي) خلاف ڪرڻ گهرجي، تنهن ڪري دروازي کي ڇڏي ديوار تان ٽپڻ لڳو، ديوار تان ٽپندي ڪري پيو ۽ سندس جنگهہ پڇي پئي ۽ سڄي رات اتي ئي رهيو، جڏهن ڏينهن ٿيو، تڏهن حضور ڪريم ﷺ جن جي فرمان موجب جاچ ڪيائون تہ ڪهڙا صحابي سڳورا آهن ۽ ڪهڙا نہ آهن؟ ان وقت معلوم ٿيو تہ فلاڻو صحابي سڳورو نہ آيو آهي، ان جي جاچ لاءِ هڪ صحابي کي موڪليائون سو اچي ڏسي تہ انهيءَ صحابي جي ٽنگ پڳي پئي آهي، ڪيس نبي پاڪ ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ڪيائون، حضور اڪرم ﷺ جن ان جي پڳل ٽنگ واري هنڌ تي لعاب مبارڪ لڳايائون تہ صحابي سڳورو بروقت ئي صحت ياب ٿي ڀيو! مطلب تہ جيڪڏهن زال جي چوٽ سان دروازي کان اچي ها تہ لعاب واري سعادت کان محروم ٿئي ها.

نقل 5: احمد فقير ناهيو نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ڀيري حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪافرن سان جنگ ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا، ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد جڏهن لشڪر وارن کي اچي بک تنگ ڪيو، تڏهن حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيائون تہ حضرتا! هاڻي تہ بک تمام گهڻو تنگ ڪيو آهي، پاڻ فرمايائون تہ گهوڙا کهي کائو تنهن تي حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ حضور جن جي خدمت گرامي ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! پنڌ تمام پري آهي، جيڪڏهن مجاهدن کي گهوڙن کهي کائڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏيندا تہ پوءِ ڪافرن جي ملڪ ۾ ڪيئن

پهچنداسون، سو اوهان بنهي جهانن جا مالڪ آهيو توجهه فرمايو ته الله جل شانه غيب جي خزاني مان مجاهدن لاءِ ڪاڏي پيتي جو سامان موڪلي! حضور ﷺ جن چمڙي جي پوستين وچرائي ارشاد فرمايائون ته، جنهن وٽ جو ڪجهه به ٿمر هجي سو ڪٽي اڇي حاضر ڪري پوءِ ڪنهن صحابي سڳوري چٽن جي مٽ آندي، ته ڪو ڇڳل جوار جي مٽ ڪٽي آيو، ته ڪو ڪجور جي مٽ ڪٽي آيو، اهڙي طرح سڀ ٿمر اڀائي سيرڪن ٿيو پوءِ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ان جي مٿان پنهنجي چادر مبارڪ ڍڪي فرمايائون ته هن طعام مان جنهن کي جيتري ضرورت هجي سو بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهندو ڪٽندو وڃي، سڀني صحابين سڳورن ضرورت جيترو ڪٽي پورت ڪئي پر اهي اڀائي سير جيئن جو تيئن باقي بچيا رهيا ۽ ان ڪانپوءِ پاڻ اڳتي روانا ٿيا.

نقل 6: احمد فقير ناهيو نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن هڪ پيري حضرت جابر رضی اللہ عنہ جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، حضرت جابر رضی اللہ عنہ دعوت لاءِ هڪ گهيٽو کهي چري اتي ڇڏي ڏني. اتفاق سان حضرت جابر رضی اللہ عنہ جي پٽن گهيٽي کي کهڻ واري صورت ڏسي، اها چري ڪٽي راند جي خيال سان هڪ پاڻ بئي کي ليٽائي کهي وڌو! حضرت جابر جو اهو معاملو ڏٺو، تنهن چري وڻڻ لاءِ پٽ ڏانهن ڊڪ ڪئي ته چوڪر پيءُ کي ايندو ڏسي وڻي پڳو ۽ وڃي جاءِ جي ڇت تي چڙهيو، حضرت جابر رضی اللہ عنہ سندس پويان لڳو آيو، چوڪر پيءُ جي خوف کان ڇت تان پاڻ کي ڪٽي هيٺ اڇلايو، جيڪو ڪرڻ سبب مري پيو! حضرت جابر ۽ سندس گهر واريءَ بنهي لاش کي ڪٽي، گهر جي ڪنڊ ۾ لڪائي مٿان ڪپڙو ڏيئي ڍڪي رکي ڇڏيو ۽ پاڻ دعوت جي ردّ پڇاءَ ۾ مشغول ٿي ويا، جڏهن طعام تيار ٿي ويو تڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ ۽ ٻين صحابين سڳورن کي وڻي اڇي هٿ ڏواري طعام حاضر ڪيائون، ايتري ۾ رب العزت وٽان وحي آيو ته يا رسول الله ﷺ! توهان ڏانهن الله تعاليٰ سلام موڪلي ارشاد فرمايو آهي ته (حضرت) جابر جي پٽن سان گڏجي طعام واپرايو تنهن تي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن حضرت جابر کي فرمايو ته پنهنجن پٽن کي وڻي اچو ته اسان انهن سان گڏجي طعام کائون حضرت جابر حڪم کي مڃيندو ٿورو ٻاهر نڪري واپس اچي عرض ڪيائين ته حضرتا ٻار ڪنهن طرف راند ڪرڻ لاءِ نڪري ويا آهن، هن وقت هٿ نٿا اچن. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو اي جابر! اسان کي الله تعاليٰ جو حڪم ٿيو آهي ته اسان تنهنجو طعام تنهنجن پٽن کانسواءِ نه کائيندا سون، وڃ جلدي پنهنجي پٽن کي وڻي اچ. آخر لاچار ٿي، لاش جي مٿان پيل ڪپڙو لاهي، حضور جن کي سڃو قصو ڪري ٻڌايائين پاڻ سڳورن اهو حال ڏسي، الله تعاليٰ جي درگاهه ۾ دعا ڪئي. الله تعاليٰ فرمايو ته توهان انهن کي سڏ ڪيو، پوءِ حضور اڪرم ﷺ جن الله تعاليٰ جي فرمان موجب بنهي فوت ٿيل چوڪرن کي سڏ ڪيو ته نبي پاڪ جي معجزي سبب بئي نينگر سڏ سان جيئرا ٿي پيا! ان کان بعد پاڻ سڳورن انهن سان گڏجي طعام واپرايو.

فصل ٻيون
اولياءَ الله جو تصرف

نقل 1: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن درگاهه شريف جي مسجد شريف ۾ ٻينو هيس ته اوچتو حضرت پير سائين جن تشريف فرما ٿيا ۽ منهنجي هٿ کان ونڊي هي بيت ارشاد فرمايائون:

هر خيال غير حق را دزد دان
اين رياضت سالکان را فرض دان

(حق جي ياد کانسواءِ جيڪو به خيال پيدا ٿئي ان کي چور ڪري سمجهه، سالڪن جي لاءِ هيءَ عبادت فرض ڪري ڄاڻ)

هي بيت فرمائي واپس هليا ويا، مون کي هن بيت ٻڌڻ شرط حال پئجي ويو ۽ تمام گهٽي جمعيت حاصل ٿي ۽ ڪيترائي ڏينهن انهيءَ حالت ۾ رهيس ان کانپوءِ هڪ ڏينهن خدمت شريف ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! مون کي توهان جي بيت مبارڪ جي توجه سان هي حال پيو آهي، پاڻ گهٽي خوشيءَ مان فرمايائون: جَآءَ الْحَقُّ وَ زَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا (سوره بني اسرائيل: آيت ٨١) (حق آيو ۽ باطل ڀڳو، بيشڪ باطل ڀڄي ويندڙ آهي).

نقل 2: حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا ته حضرت سلطان العارفين بايزيد بسطامي رحمة الله عليه هڪ پيري فرمايو ته مون کان بعد گهٽي مدت کان پوءِ خرقان جي شهر ۾ هڪ نينگر پيدا ٿيندو، جيڪو ظاهري ۽ باطني ٻئي علم منهنجي قبر تان مون کان حاصل ڪندو، جڏهن حضرت ابو الحسن خرقاني رحمة الله عليه ڄائو ته ننڍڙائپ ۾ ئي سلطان العارفين جي قبر تي اچي ظاهري ۽ باطني علم کائن حاصل ڪيائين ۽ حضرت ابو الحسن خرقاني جي فرزند به ظاهري ۽ باطني علم سلطان العارفين بايزيد بسطامي کان (پنهنجي پيءُ وانگر) حاصل ڪيو ۽ سلسلہ نقشبندي جي نسبت به انهن کان حاصل ڪيائين.

نقل 3: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ ڏينهن مخدوم جمال الله رحمة الله عليه پنهنجي پارائپ واري زماني ۾ شڪارپور تعلقي جي ڳوٺ مزار جي ۾ آيو، ان شهر ۾ سندس پاءُ خواجه حاجي ايوب رحمة الله عليه وٽ پڙهندو هو جنهن سان ملاقات ڪرڻ آيو هيو، مخدوم جمال الله ننڍڙائپ ڪري پارن سان راند ۾ مشغول ٿي ويو ايتري ۾ حاجي ايوب رحمة الله عليه گهر آيو ۽ چيائين ته اهڙو ڪو ماڻهو آهي، جو مينهن جي وڻاڻ تي ڏانو ڪڍائي هلي، ته مينهون ڏهي ڪير ڪٽي اچون؟ گهران ٻڌايائون ته، جيڪو شاگرد اوهان

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاهه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

وٽ پڙهندو آهي، ان جو پاڻ آيل آهي اهو باهر بارن سان راند پيو ڪري ان کي ٽانو ڪٽائي ويو، ميان حاجي ايوب جن باهران مخدوم جمال الله کي پاڻ سان وٺي ٽانو، ڪٽائي مينهن جي وٽاڻ ڏانهن روانو ٽيا، جيئن ته ٽانو ڳرا هئا، مخدوم جمال الله بارائپ ۾ گهٽي بار سبب روئندو ٽي هليو، حاجي صاحب کائونس ٽانو گهريا، پر نه ڏنائين، جڏهن مينهن جي وٽاڻ ۾ پهتا ته مينهون اتي ڪونه هيون ۾ حاجي ايوب رحمة الله عليه مخدوم صاحب کي فرمايو ته منهن تي چادر وجهي مراقبو ڪري اکيون بند ڪري ڏس ته مينهون ڪٿي آهن؟ مخدوم صاحب منهن تي چادر وجهي مراقبو ڪري ڏٺو ته مينهون هڪ هنڌ تي بيٺيون آهن، حاجي صاحب کي عرض ڪيائين ته حضرتا! مينهون فلاٽي جاءِ تي آهن، پوءِ اتان ٽانو ڪٽي مينهون ڏهي گهر آيا، ان ڏينهن مخدوم جمال الله کي محڪم ارادو حاصل ٽيو ۾ آخر حضرت حاجي ايوب رحمة الله عليه کان بيعت جو شرف حاصل ڪري، فيض وارو ٽيو.

نقل 4: حاجي احمد فقير ٿوڙهو ٽالپر، ديهه بندهه جو نقل ڪري ٿو ته هڪ پيري درگاهه شريف جي مسجد شريف ۾ حضرت پير سائين جن جي اڳيان وينو هيس، دل ۾ خيال آيو ته، جيڪر قرآن شريف پڙهان ۾ سوا سيپارو اڳيئي پڙهيل هيس پر ايان اکرن جي ايتري سڃاڻ ڪانه هئي، جو سڃو قرآن شريف پڙهي سگهان پوءِ ان وقت وضو ڪري، مسجد شريف ۾ نفل پڙهي الله رب العزت کان دعا گهريم، ۾ وچ ۾ وسيلو حضرت مرشد ڪريم جن ۾ خليفي ميان لقمان جو آندم، ۾ پڪو ارادو ڪيم ته جڏهن سڃو قرآن شريف پڙهي ويس ته پهريون ختمون حضرت پير سائين جن کي نذرانو ڪندس ۾ پيو خليفي صاحب کي ۾ هڪ ختم شريف پنهنجي پيءُ ۾ ماءُ کي بخشيندس، ان کان بعد پنهنجي پيٽ کان قرآن شريف وٺي ۾ ٽي آيتون قرحي تي لکي پڙهڻ شروع ڪيم، پاڻ ڪريمن جي توجه سان استاد بغير ئي چوڏهن مهينن ۾ سڃو قرآن شريف پڙهي ويس، ان کان پوءِ لاڙ جي سفر ۾ پير سائين جن جي زيارت کان مشرف ٿيس، ۾ قرآن شريف جي پڙهڻ جو سڃو واقعو کين عرض ڪيم ۾ عرض گذاريم ته حضرتا هينئر قرآن شريف پورو ڪيو اٿم پر ايان پڪو نه آهي نه وري پاڻ وٽ ڪو قرآن شريف ئي اٿم، پاڻ فرمايائون ته قرآن ڪريم جام!! پوءِ انهيءَ سفر ۾ ٽي قرآن شريف بغير گهرڻ جي حاصل ٽيا.

نقل 5: گل فقير مونگيو ديهه هنگورا جو رهندڙ، خليفي ميان عباس کان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن ٽنڊي گل محمد نظاماڻي ۾ حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ وينو هيس، عرض ڪيم ته حضرتا! مخدوم محمد ابراهيم نٽئي جا مريد چوندا آهن ته اسان مماتي وارن کي ڏسندا آهيون. اهو ٻڌي حضرت پير سائين جن مون کي فرمايو ته وڃ قبرستان جي زيارت ڪري اڇ فرمان موجب ويجهڙي قبرستان جي زيارت لاءِ ويس، اتي ڏسان ته سيئي قبرن وارا، قبرن مان سيني تائين ٻاهر نڪتا بينا آهن، انهن کي ڏسڻ سان مون کي اچي ڏڪٽي پئي ۾ تپ اچي ويو.

نقل 6: حضرت پير سائين تجر ڏٽي رحمة الله عليه ارشاد فرمايو ته هڪ پيري ننڍڙائپ ۾ مون حضرت پير سائين جن جي تصرف ۾ توجه جو مشاهدو ڪيو، پير سائين جن هڪ سفر ۾ ڪنهن ڪافر کي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مسلمان ڪري، ان کي دعوت واري هنڌ وٺي آيا، اتان جا (مغل قوم جا) ماڻهو ڪاوڙجي گهٽو لشڪر وٺي دعوت واري شهر ۾ پهتا، فجر نماز کان پوءِ پير سائين جن جماعت سان گڏ مراقبي ۾ مستغرق هئا، کين لشڪر جي اچڻ جي ڪابه خبر نه رهي، اسان پٽ تي چڙهي پي ڏٺو سون ته شهر جا ماڻهو به گهرن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ لشڪر به مسجد جي دروازي وٽ اچي پهتو، گهٽوئي گوڙ گهمسان ٿي ويو انهن مان هڪ ڏگهي قد وارو مرد، گهوڙي تان لهي تلوار هٿ ۾ ڪنيو، صفون چيريندو اچي، حضرت پير سائين جن کي ويجهو پيو، تڏهن پاڻ ڪريمن مٿو مبارڪ مٿي کڻي ان ڏانهن نظر جو فرمائي ته اهو شخص ان ئي وقت وجد ۾ اچي ويو ۽ زمين تي ڪري پيو پيا مغل اها حالت ڏسي وٺي ڀڳا، پاڻ سڳورن هڪ فقير کي فرمايو ته هن کان تلوار وٺ. فقير ان کان تلوار ورتي ۽هو ڪيترا ڏينهن مٿي پرين اگهاڙو چرين وانگر جماعت سان گڏ ڦرندو رهيو:

اولیا اطفال حق اند اے پسر
در حضور غیب آگہ باخبر

(اي پٽ اولياء الله، حق جو عيال آهن، ويجهو ۽ پري هجڻ جي حالت ۾ باخبر هوندا آهن)

اولیا راہست قدرت از الٰہ
تیر جستہ باز گردانند ز راہ

(ولين کي الله تعاليٰ جي طرفان طاقت مليل آهي جو (ڪمان مان) ويل تير کي به واٽ مان موٽائين ٿا).

نقل 7: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ مريد پنهنجي مرشد کان سوال ڪيو ته پير کي ڇا جڳائي ۽ مريد کي ڇا ڪرڻ جڳائي؟ مرشد فرمايو ته ان سوال جو جواب توکي ڪنهن وقت ٻڌائيندس. هڪ ڏينهن اهو مريد جيئن ئي پنهنجي پير جي خدمت ۾ آيو ته پير صاحب ڪيس حڪم فرمايو ته هن طرف هليو وڃ. مريد حڪم تي عمل ڪيو. هلندي هڪ شهر ۾ اچي پهتو. اتي ڪيس هڪ پير پائي مليو، تنهن پڇيس ته ڪاڏي ٿو وڃين؟ هن سڄو قصو ڪري ٻڌايو، تڏهن سندس پير پائي ڪيس گهر وٺي آيو ۽ رات گذاري صبح جوهڪ هزار روپيه ڏئي ڪيس چيائين ته توکي مرشد سائين هن نذراني وٺي اچڻ لاءِ موڪليو آهي، سوهي وٺ ۽ مرشد سائين جي خدمت ۾ وڃي پهچاءِ. موڪلائڻ وقت هڪ سو روپيه واٽ خرچ لاءِ به ڪيس ڏنائين. اتفاق سان ان شهر ۾ ڪا بدڪار عورت، تمام سهڻي مشهور هئي، جيڪا فقط منهن ڏسڻ جو سو روپيه ونندي هئي ان شخص خيال ڪيو ته جيڪر سو روپيه ڏيئي، منهن ڏسيو وڃان، جڏهن بدچلن عورت کي سو روپيه ڏئي، منهن ڏنائين ته مٿس عاشق ٿي پيو ۽ سندس زلفن جي بند ۾ قابو ٿي ويو:

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چون نگہ بآنگاہ مائل شد
جادو راہ رفتن دل شد

(جڏهن نظر اوڏانهن جهكي تہ دل كي بہ انهيءَ رستي اختيار كرڻ جو شوق ٿي پيو) سو نيٺ عورت جي ملاقات جو پكو پهہ كيائين، اها عورت هك رات جي لاءِ هك هزار روپيہ وٺندي هئي، سو پير صاحب وارو هك هزار روپيہ ڏئي، رات عورت وٽ رهيو رات جي وقت خلوت ۾ صحبت لاءِ وڃيو تہ اوچتو غيب كان آواز آيو تہ ان بري كم كان بچ پر مست عاشق هن بيت جي مصداق كا بہ پرواه نہ كئي:

كافر گرسنہ در خانہ خالی پر خوان
عقل باور نكند كز رمضان انديشد

(بكيو كافر، خالي گهر ۾ پريل خونچي تي، عقل اها ڳالهہ نٿو مڃي تہ كو رمضان شريف جو خيال كري پري ويهي رهندو)

سو وري ٻئي پيري دست درازي كيائين تہ وڌيك خوفائتو آواز ٻڌڻ ۾ آيس تہ اي بيعزت! هوشيار ٿي، پاڻ كي غضب هيٺ نہ آڻ پر هن ان جي بہ پرواه نہ كئي وري ٽيهر بہ هٿ وڌايائين تہ اوچتو غيب كان كيس اهڙي چمات لڳي جو بيهوش ٿي زمين تي كري پيو. گهڻي دير كانپوءِ جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن عورت پڇيس تہ كو مرشد بہ اٿئي؟ چيائين هائو، عورت چيس تہ تنهنجو مرشد كامل ۽ مكمل آهي جيكو توكي بدكاري كان روكي ٿو، توكي گهرجي تہ هن بري كم كي ڇڏ، آئون بہ توسان گڏجي هلي ٿي اهڙي مرشد جي مريدياڻي ٿيان. عورت هن كي هك هزار ۽ هك سو رپيہ واپس كيا، ۽ ٻئي گڏجي اچي پير صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، پير صاحب پنهنجي مريد كي فرمايو پير اهڙو هجي ۽ مريد بہ اهڙو هجي پوءِ اها عورت ان وقت مريدياڻي ٿي ۽ ٻنهي جو نكاح كيائون. اي عزيز! هن نقل ۾ هك عجيب رمز آهي، جو اهو شخص زنا كان بہ بچي ويو ۽ ظاهري مقصد ۾ بہ كامياب ٿيو ۽ پٽ فيض وارو بہ ٿيو!!

نقل 8: هيكر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ پاريچي ملك جي هك فقير اسان سان باغ ۾ ڳالهہ كئي تہ هك ڏينهن آئون ڏڳو وكٽ لاءِ كاهيو ٿي ويس، دل ۾ خيال كيم تہ ٻارهن روپين كان گهٽ نہ وكٽندس، جڏهن برپٽ ۾ پهتس تڏهن هك آواز آيو تہ ڏڳو مون كي ڏي ۽ ٻارهن روپيا فلاٽي وٽ جي پاڙ مان وڃي كڍ، مون ان كي چيو تہ تون كير آهين؟ ظاهر ٿيءُ تہ توكي ڏسان، جڏهن ظاهر ٿيو، ڏٺم تہ هك تمام بد صورت، ڊيڄارينڌڙ ۽ خوفناك شكل نظر آئي، مون كي چيائين تہ آئون وبا جو مرض آهيان، هن ملك ۾ آيو هيس پر مون كي توهان جي پير نہ ڇڏيو ۽ هن ملك مان كڍي ڦٽو كيائين، هن وقت آئون بكيو آهيان مون كي ڏڳو ڏي تہ كائي ملك مان ٻاهر ٽو وڃان!

كندريه پبليكشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

نقل 9: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ محمود خان بروهي ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن اسان ڪجهہ سوار شڪار جي خيال سان برپٹ ۾ ٿي گهمياسين تہ اسان کي هڪ ماڻهوءَ جو پير نظر آيو، جيڪو زمين کي هيٺ ڪندو ٿي ويو هڪ ٻئي کي چيوسون تہ اچو يارو تہ هن ماڻهوءَ کي ڳوليون، ۽ ان جو پير کٽي اچي هڪ پاڻي جي تلاءَ تي پهتاسين اتي هڪ ماڻهو نظر آيو، اسان کائونس پڇيو تہ ڪير آهين؟ پر ان کان جواب ڪونہ مليو، ان کان بعد صلاح ڪئي سون تہ هن کي پڪڑجي، ان ڪري بندوقون تيار ڪري، انهن کي منهن کان باهہ ڏيڻ جو ارادو ڪيوسون تہ ايتري ۾ ان شخص ڳالهايو تہ توهانجون بندوقون منهنجي وار کي بہ نقصان ڪونہ ڏئي سگهنديون. آئون موت جو ٻاڻ آهيان، منهنجو ٻاڻ موت، سنڌ ملڪ ۾ ويو آهي ۽ آئون هن ڪوهستان جي ملڪ ۾ آيو آهيان، پر مون کي توهان جي پير هن ملڪ مان تڙي ڪڍيو آهي ۽ پير سائين چيو آهي تہ ڪوهستان جا ماڻهو منهنجا مريد آهن، انهن کي ڪوبہ ايذاءُ ۽ نقصان رسائڻ نہ ڏيندس. هاڻي آئون توهان جي پير جي خوف کان هن ملڪ مان هليو وڃان ٿو، پر مون کي اڄ لڳي آهي جنهن ڪري هن تلاءُ تي آيو آهيان، پاڻي پي هليو ويندس.

نقل 10: حضرت پير سائين جن جو هڪ مريد جهوڪ ۾ رهندو هو، جهوڪ لڳ ڍنڊ جي ڪناري تي صوفي فضل الله فقير ڪجهہ ڏينهن اچي رهيو هو قضا الاهيءَ سان پاڻ سڳورن جو اهو مريد، صوفي فضل الله جي جاءِ تي آيو ۽ صوفي کي ڏسڻ شرط، ڪائنس ذڪر فڪر ۽ ٻيون سڀ عبادتون وسري ويون ايتري قدر بيخود ٿي ويو، جو ڪيس اگهڙ ڍڪڻ جو بہ خيال نہ رهيو هڪ ڏينهن خليفو ميان بخش علي ۽ خليفو ميان سعيد خان ڪيس مون وٽ وٺي آيا ۽ چيائون تہ هن کي پاڻ ڪريمن جي اڳيان حاضر ڪري، هن حالت کان چوٽڪارو ڏياريوس، دوستن جي چوڻ موجب ان فقير کي پير سائين جن جي خدمت ۾ حاضر ڪري سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايم ۽ عرض ڪيم تہ حضرتا! قرب فرمايو تہ هي فقير وري اصلي ذڪر فڪر ۾ مشغول ٿئي؟ پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو تہ هي هن حال ۾ بہ الله تعاليٰ سان مشغول آهي، الله تعاليٰ واحد آهي پر مون گهٽي آزي نيازي ڪئي، پاڻ ان کان بعد شفقت ڪري اهڙو توجہ فرمايائونس جو صوفي فقير وارو اثر ۽ اها حالت ختم ٿي ويس ۽ ساڳي اصلي حالت، ذڪر، فڪر نماز ۽ روزي ۾ مشغول ٿي ويو.

نقل 11: خيرو فقير ٽالپر نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن الهہ بخش فقير ٽالپر (ديهہ ڇرائي جو رهندڙ) حضرت پير سائين جن کي، عاشوري (ڏهين محرم) جي ڏينهن دعوت ڏئي پنهنجي ڳوٺ وٺي آيو، اڳ ۾ مون کي چيو هيائين تہ دعوت جي ڪم ڪار ۾ مون سان مدد ڪرائجانءِ مون کيس چيو تہ توهي ڇا ڪيو، جو تابوتن جي شور ۽ شر واري ڏينهن ڪٽي حضرت جن کي دعوت ڪئي اٽئي چيائين تہ مون پاڻ ڪريمن سان اها حقيقت ڪري ڇڏي هئي توجهہ فرمايائون تہ اهي پنهنجي جاءِ تي ئي رهندا جڏهن پاڻ ڪريم فقير جي حويلي ۾ زيارت ڪرائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا، تڏهن گهر جي گهٽيءَ جي ٻاهران، انهن تابوتن سان گڏ جي دهل ۽ ٽي نغارا وڄائڻ شروع ڪيائون اسان ۽ تابوتن ۽ دهلن وارن جي وچ ۾

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

صرف پت هئي، پر سندس توجہ ۽ تصرف مبارک سان ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ڪن تي انهن جو شور، غل نہ پهتو.

نقل 12: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن هڪ تتر کي ونڻ لاءِ ان جي پويان گهوڙو دوڙايو، اهو تتر اڏامي وڃي هڪ جاءِ تي ويٺو، ان وقت هڪ باز آيو جيڪو ان کي چنبي ۾ ڪٽي وڌي اڏاٽو! پاڻ ڪريمن هي ماجرا ڏسي فرمايو ڏسجي تہ هاڻي باز زور ٿئي ٿو يا الله تعاليٰ؟ سندن ايترو چوڻ تي هڪ شهباز آيو، جيڪو باز ۽ تتر ٻنهي کي ڪٽي هليو ويو.

نقل 13: هڪ ڏينهن ڪچ جي سفر ۾ هي ٻانهو (جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن سان گڏ هيو، جڏهن اڪلري شهر وٽ پهتاسون تہ اتان هڪ تتر اڏاٽو، پاڻ ان جي پويان گهوڙو دوڙايائون، اهو تتر هڪ گهاٽي ٿوهر جي وڻ ۾ وڃي لڪو، اهڙو لڪو جو ان ٿوهر مان ان جو نڪرڻ مشڪل ڏسڻ ۾ ٿي آيو، پاڻ ڪريمن حڪم فرمايو تہ وڻ کي وڍي ٻاهر ڪڍوس حڪم موجب موليڏني فقير کهاڙي سان ۽ هڪ ٻئي فقير ڪاتيءَ سان وڻ کي وڍڻ شروع ڪيو، مون دل ۾ خيال ڪيو تہ، جي انهي کهاڙي ۽ ڪاتي سان وڍيندا تہ ٻن ڏينهن تائين بہ وڍي نہ سگهندا، اجان بہ ٽي ٽاريون مس وڍيائون تہ ايتري ۾ سندن تصرف ۽ برڪت سان تتر ٻاهر نڪري آيو.

نقل 14: فريد ٽالپر مجيداڻي (جيڪو اڄ ڏينهن (ان وقت) تائين درگاهه شريف تي رهندڙ آهي) هڪ ڏينهن قلات جي سفر ۾، ڪنهن مسجد شريف اندر ڪونڙي ۾ پاڻي وڏائين ٿي تہ ڦڙا مسجد شريف ۾ ڪري رهيا هئا، تنهن تي حضرت پير سائين جن ناراض ٿي فرمايس تہ اي ڇهلا! مسجد شريف ۾ پاڻي پيو هارين ڇا توکي خبر ناهي تہ جيڪو مسجد شريف ۾ پاڻي جا ڦڙا هارينڊو ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪوڙهه جو مرض ٿيندو ٻئي ڏينهن بہ اهو ساڳي طرح وٽي ۾ پاڻي وجهندي مسجد شريف ۾ ڦڙا ڪيرائي رهيو هو اهو حال ڏسي، ان کي پاڻ فرمايائون تہ اي انڌا! توکي ڪالهه سمجهايو هيوسون، پر تون اسان جي چوڻ کي بيڪار سمجهي عمل نہ ڪيو ان کان بعد، ٿوري ئي وقت ۾ اهو شخص اکين کان نابين ٿي پيو، حالانڪ اڃان جوان ۽ ڪاري ڏاڙهي سان هيو. "نعوذبالله من ذالك"

اي عزيز! الله تعاليٰ بزرگن جي صحبت نصيب ڪرڻ سان گڏ، انهن جو ادب بہ نصيب فرمائي چو تہ ادب ڪرڻ سان ئي پورو فيض حاصل ڪري سگهجي ٿو.

نقل 15: محمد ذاکر، ٽنڊي قيصر نظاماڻي جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن جماعت سان گڏجي، حضرت پير سائين جن جي حويلي شريف لاءِ مٽي ٿي ڪئي سون گل فقيرن ناهيي مون کي چيو تہ، مٽي ڪٽڻ ڇڏ، ۽ تون هن گاهه جون پاڙون گهوٽي حويلي شريف ۾ موڪلي ڏي پاڻ ڪريمن مون کي ڏسي فرمايو تہ توکي تپ آيو آهي ڇا؟ جو ان گاهه جون پاڙون پيو گهوٽين؟ عرض ڪيم تہ حضرتا! تپ تہ ڪونهي ليڪن حاويلي مبارک مان حڪم آيو آهي، ان ڪري پيو گهوٽيان پوءِ تہ ٻئي

ڏينهن مون کي سخت بخار اچي ويو، جيڪو ٻ ٽي ڏينهن لاڳيتو رهيو.

نقل 16: هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ شخص سودائي طبيعت جو ماليخوليا جي مرض کان تمام ضعيف ٿي سکي ويو هو، سندس عزيز کيس اسان وٽ وٺي آيا، اسان کائنس حال احوال پڇيو ۽ چيائين ٻيو ڪل خير عافيت آهي، پر ماني کائڻ وقت ڏاڙهيون منهنجي نڙي مان ماني ڪڍي ڪٽي ويندیون آهن پيٽ ۾ ماني نہ ٿي پهچي، جنهن سبب اهڙو ضعيف ٿي ويو آهيان ان وقت جماعت مان هڪ مجذوب شخص اٿيو ۽ چيائين تہ ماني مون کي ڏيو تہ آئون ٿو کارايانس جي ڏاڙهيون آيون تہ انهن کي آئون پاڻهي مُنهن ڏيندس پوءِ ماني کڻي آيا، ان مجذوب گرھ ناهي سودائي جي وات ۾ وڌو ۽ ٻڌي لڦيون زمين تي زور سان هڻي چيائين، ڏاڙهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيم، ۽ سودائي جي نڙي تي آڳر رکي چيائين تہ هي گرھ هيٺ تنهنجي پيٽ ۾ پيو وڃي اهڙي نموني سڄي ماني کارائي ڇڏيائينس اجهو ان کان بعد ان جو خيال بدلجي ويو ۽ پاڻ کي تندرست ۽ صحت مند سمجهڻ لڳو، پوءِ مون پڇيومانس تہ هاڻي ڪيئن آهين؟ چيائين تہ جيڪي ڏاڙهيون مون کان ماني کائي ويندیون هيون، انهن کي مجذوب فقير لڦيون هڻي ماري ڇڏيو، هاڻي انهن جي ايذاءَ کان بلڪل ڇٽي پيو آهيان.

اي عزيز! هن فقير جي خيال موجب تہ سودائيءَ جي بيماريءَ جو علاج مجذوب جي لڦين سان هو، حالانڪ هي پاڻ ڪريمن جو تصرف ۽ ڪرامت هئي.

نقل 17: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت غوث الثقلين سيدنا عبدالقادر جيلاني رضی اللہ عنہ جي زماني ۾ هڪ چوڪر کي ڳڙ کائڻ جي عادت هئي، ڳڙ لاءِ ايترو پريشان هوندو هو، جو گهر جو سامان وڪڻي ٻ ڳڙ وٺي کائيندو هو، ان سبب سندس ماءُ تمام تنگ ٿي، ان کي حضرت غوث الثقلين جي دربار ۾ وٺي آئي ۽ اها حقيقت عرض ڪيائين. حضرت غوث الثقلين فرمايو تہ اڄ واپس وڃ، سياڻي وٺي اچجانس. ٻئي ڏينهن ان عورت پنهنجي پٽ کي وٺي اچي سندن خدمت ۾ حاضر ڪيو. حضرت غوث الاعظم فرمايو تہ اي پٽ! ايترو ڳڙ نہ کاءُ. چوڪر عرض ڪيو تہ حضرتا! ڳڙ نہ کائيندس ڪجهہ ڏينهن کان بعد اها عورت، سيدنا غوث الاعظم جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿي ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! توهان جي برڪت سان چوڪر ڳڙ کائڻ بلڪل ڇڏي ڏنو آهي، ايتري قدر جو عيد ۽ شادي وغيره ۾ بہ نہ ٿو کائي پر عرض هي آهي تہ توهان انکي پهرين ڏينهن چو نہ منع فرمائي ۽ ٻئي ڏينهن ڇا لاءِ منع فرمايو؟ پاڻ فرمايائون، تہ پهرين ڏينهن مون پاڻ ڳڙ استعمال ڪيو هو.

نقل 18: هيڪر حضرت پير سائين جن ڪڇ جي سفر ۾ "يارھ" جي مقام وٽ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي غلام حسين نالي هڪ فقير، قلندري لباس ۾ هو، تنهن پاڻ ڪريمن کي دعوت لاءِ عرض ڪيو؟ پاڻ ان جي دعوت قبول فرمايائون پر ڪن فقيرن ان جي اڻڳي گفتار جي شڪايت ڪئي پاڻ سڳورن فرمايو تہ اها ڳالهہ آهي تہ اسان سندس دعوت نہ وڻنداسون غلام حسين فقير اهو حڪم ٻڌو تہ ڏاڪ وڃان ڏاڙو رنو، ايتري قدر جو حاضرين مجلس بہ روڄ ۽ وجد ۾ اچي ويا پوءِ پاڻ سندس اهو حال ڏسي دعوت

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

قبول فرمائي ان جي گهر هليا ۽ اها دعوت ونڻي پاڻ سنڌ ڏانهن موڪيا. رڻ جي واقف شخص کان شام جو واڌ گهڻي ويئي ۽ هو اوپر طرف هلڻ لڳو بنده (جامع ملفوظات) عرض ڪيو ته حضرتا! هي واقف شخص پلجي ويو آهي پر ان چيو ته آءٌ سڏو آهيان. مون ٻڌي پيرا عرض ڪيو ته حضرتا!هي پلجي ويو آهي، چوته سنڌ واري واڌ سڏي اتر طرف آهي ۽ هي اوپر رڻ پٽ ڏانهن پيو هلي. پر پير سائين جن فرمايو ته جيڏانهن هي ويندو، اسان ان جي پويان ويندا سون جڏهن "آمراٹي" جي جاءِ تي پهتاسون، تڏهن ڏينهن ٿي ويو ۽ سيني کي پڪ ٿي ته برابر رستو پلي ويا آهيون ۽ هاڻي ٿمر نه هجڻ سبب سپ هلاڪ ٿي ويندا سون. پاڻ ڪريم پنهنجو گهوڙو هڪ پانڌيئڙي کي ڏئي پاڻ پيادل هلڻ لڳا، سندن متابعت جي ڪري سيني گهوڙي سوارن، پنهنجا گهوڙا پيادن کي ڏئي سيني سانٽن گڏ ويهه ميل کن پنڌ ڪيو، ان کان بعد ٻين جي عرض تي پاڻ گهوڙي تي سوار ٿيا ۽ ٻئي ڏهاڙي وچينءَ جي وقت "رامڪي بازار" وٽ لهڻ فرمايائون، اهڙي طرح سندن تصرف ۽ توجه سان سيئي (ٿمر نه هوندي) سلامتي سان منزل تي پهتاسون ۽ هڪڙو ٻيڙڙو فقير ٿڻي جو رهاکو، جماعت کانپوءِ پوئتي رهجي ويو هو، ان کي به پير سائين جن جا ٻه مريد جيڪي مال چاري رهيا هئا، هڪ ڏينهن پاڻ وٽ رهائي، ٻئي ڏينهن صبح جو ڏاند تي چاڙهي اچي جماعت ۾ پهچايائون.

نقل 19: هڪ پيري خليفو الهه رکيو (حضرت ميان صاحب جن جو خليفو) کنهن سواليءَ جي ڪم سان خيرپور جي حاڪمن ڏانهن ٿي ويو. حضرت پير سائين جن ساٹس ميان قابل شاهه به گڏي ڏنو ۽ خليفو صاحب اتي وڃي هڪ مسجد شريف ۾ لٿو حاڪمن کي خليفي صاحب جي اچڻ جي خبر پئجي وئي ته به ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيائون هفتو ڪن گذري ويو، مگر خليفو صاحب دلجمعي سان محبوب حقيقي جي مشاهدي ۾ مستغرق رهيو، جڏهن پنهنجي گهر وينو آهي ۽ کنهن ڪم سان نه آيو آهي اٽن ڏينهن گذرڻ بعد ميان قابل شاهه چيو ته هيترا ڏينهن گذري ويا آهن، اڄان سائل جو ڪم نه ٿيو آهي خليفي صاحب جواب ڏنو ته اڄ ٻيڦهري نماز کان بعد هلنداسون، ايتري ۾ حاڪمن خود بخود، بغير کنهن چئي چوائي جي، سواليءَ جي ڪم جو پروانو لکي مهر هڻي خليفي صاحب جي خدمت ۾ موڪلي ڏنو ۽ پڻ معافي به گهري ان کان پوءِ سوار ٿي درگاه شريف اچي پهتا.

نقل 20: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن "ڪزڪ" کان باهر آيا، (اها قلات جي هڪ ديهه آهي) پاڻ نئين جو وڃ ونيو ٿي آيا ته کنهن فقير چيو ته اجهو هو نئين جو پاڻي اچي پيئو. تڏهن سيئي وڃ واري دڙي تي چڙهي ويا، پاڻ ڪريم ۽ ميان قابل شاهه پنهنجا گهوڙا نئين جي وڃ ۾ ڇڏي آيا پوءِ آڻون ۽ ميان قابل شاهه ان دڙي تان لهي وڃي گهوڙا کاهي آياسون. پاڻ ڪريمن فرمايو ته نئين جي پاڻي ۾ زور نه آهي ڇو ته پيادا به پهچي ويا، پر پاڻي تڏهن به نه پهتو آهي هاڻي هلو ته نئين جي تري مان لنگهي هلون، پاڻي اسان کان اڳي نه پهچندو، ان کان پوءِ پير سائين جن جي تصرف ۽ توجه سان نئين جي پاڻي ۾ زور نه رهيو ۽ سيئي فقير ساٹن گڏ نئين جو وڃ ونيو ٿي آيا ۽ ائين خيرو عافيت سان پار

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پهتاسون، آئون (جامع ملفوظات) انهن ڏينهن ۾ تپ ۽ دستن سبب ڏاڍو ڏٻرو ٿي ويو هوس، سو آهستي آهستي پاڻ ڪريمن جي پويان هلندو رهيس، اهڙي طرح سيني کان پوئتي وڃي (سج لهڻ وقت) نئين جي تري مان اڪيلو ٻاهر آيس ۽ پوئتي جو ڏٺم تہ پاڻي ايان ڪونہ پهتو هو:

اولیارا ہست قدرت از الٰہ
تیر جستہ باز گردانند ز راہ

(ولين کي الله تعاليٰ جي طرفان طاقت مليل آهي جو (ڪمان مان) چٽل تير بہ واٽ مان ورايو وڃهن)

مگر ڪجهہ فقير نئين جي پاڻي کان ڊڄي، حضرت پير سائين جن جي رفاقت ڇڏي مٿي چڙهيا هئا، اهي سيئي اڄ جي ڪري هلاڪ ٿي ويا ۽ واپس نہ آيا.

نقل 21: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ واپاري، واپار جي خيال سان ڪنهن شهر ۾ ويو، شهر جي ٻاهران هڪ جاءِ ڏٺائين، سو سمجهيائين تہ اها جاءِ شايد مسافر خانو آهي، پر اها جاءِ حضرت نجم الدين ڪبريٰ جي درگاهہ هئي، جڏهن واپاري اندر داخل ٿيو، ان وقت شيخ صاحب مٿئين طبقي تي وينو هيو، اتان ڪٽي واپاري تي توجہ سٽيائين تہ اهو ڪمال جي درجي کي پهچي ويو. ان کان بعد شيخ صاحب کيس گهرائي تلقين فرمائي ۽ سلسلو شريف لکي ڏنو ۽ پنهنجو خليفو مقرر فرمائي، کيس ملڪ ڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏنائين:

یک نظر فرماکہ مستغنی شوم زابنائے جنس!
سگ کہ شد منظور نجم الدین، سگانرا سرور ست

(هڪ ئي نظر اهڙي فرماءِ جو هڪ جيڏن کان بي پرواهہ ٿي وڃان، جيڪو ڪتو حضرت نجم الدين جي نظر هيٺ آيو، اهي ٻين سيني ڪتن جو سردار آهي)

نقل 22: حاجي احمد تالپر نقل ڪري ٿو تہ، هڪ رات درگاهہ مبارڪ جي مسجد شريف ۾ ستا پيا هئاسون تہ، چتو گدڙ شهر جا چند ماڻهو ڏاڙهي اچي مسجد شريف ۾ نون 9 ڇڻن (فقيرن کي ڏاڙهيائين، صبح جو حضرت پير سائين جن انهن جو علاج ڪرڻ فرمايو، فقير عثمان نوح پوٽي عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کي تہ ٽڪ مبارڪ مکيو ۽ دعا بہ فرمايو. پاڻ ان جي چوڻ تي ائين ڪيائون، باقي ٻين فقيرن کي ننڍڙي ڇيلي جي سير جي رت لاتائون، ان کان بعد سيئي فقير، ان نوح پوٽي فقير سميت پاڻ ڪريمن جي تصرف ۽ توجہ سان صحيح ۽ تندرست ٿي ويا.

نقل 23: هڪ پيري حضرت پير سائين جن جي ارشاد موجب طالبن جي صحبت لاءِ نٽي شهر ويس، اتي هڪ فقير ڪيمياءِ سعادت جو هڪ نسخو پير سائين جن لاءِ نذرانو ڏنو، مون جڏهن اهو ڪتاب پاڻ ڪريمن کي درگاهہ مبارڪ تي پيش ڪيو، تڏهن پاڻ مهرباني فرمائي چيائون اي خليفا! هي ڪتاب

توکي مطالعي لاءِ بخشيم تون انجو مطالعو ڪندو ڪر ان کان بعد سندن توجهہ ۾ تصرف سان سلوڪ جي هر ڪتاب مان فائدو حاصل ڪيم ۽ جڏهن تہ ان کان اڳ ۾ ڪوبہ ڪتاب ڪونہ پڙهيو هيم.

نقل 24: هڪ پيري خليفي ميان الهہ رکيي وٽ فقيرن جي جماعت ويني هئي، اتي هن آيت سڳوري جو بيان هلي رهيو هو: "اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ الْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَ اَشْفَقْنَ مِنْهَا وَ حَمَلَهَا الْاِنْسَانُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا" (سورة الاحزاب: آيت ٧٢) (اسان امانت جو بار آسمانن ۽ زمينن ۽ جبلن کي پيش ڪيو، پر هنن انهيءَ بار کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان کان ڊڄي ويا،مگر انسان اهو بار برداشت ڪيو، بيشڪ اهو (انسان) وڏو نادان ۽ ستم گار آهي. مجلس مان ڪنهن فقير عرض ڪيو تہ سائين هن ٽلهي وڏي ٻہر بہ اهو بار نہ ڪنيو؟ تنهن تي خليفي صاحب جوش ۾ اچي، ارشاد فرمائي چيو تہ جي ان بار جو ذرو بہ مٿس اچي ها تہ چيرجي ڏارڏار ٿي وڃي ها. خليفي صاحب جي ايتري چوڻ شرط اهو ٻہر چيرجي بہ اڏ ٿي پيو هڪ اڏ هڪ طرف ۽ ٻيو اڏ ٻئي طرف وڃي ڪريا! فيروز فقير نظاماڻي چوي ٿو تہ، اهو چيريل ٻہر مون پاڻ اکين سان ڏٺو. حافظ شيرازي رحمۃ اللہ علیہ کهڙو نہ سٺو چيو آهي:

آسمان بار امانت نتوانست کشيد
قرعہ فال بنام من ديوانہ زدند

(امانت جو بار آسمان کٽي نہ سگهيو آهي پر اهو پکو مون چريي جي نالي نڪتو!

نقل 25: منهنجي (جامع ملفوظات) جي پيءُ سڳوري ۽ سندس عزيزن کي سرڪار کان جاگير مليل هئي، جنهن جي آبادي پاڻ ڪائيندا هئا. ٿورن ڏينهن بعد اها جاگير ڪانئن واپس ورتي وئي، جنهن ڪري سيئي، عاجز ۽ مسڪين ٿي ويا عمدن کاڌن جي بجاءِ جَوَن جي رب ڪائڻ لڳا. هڪ دفعي حضرت پير سائين جن هن ٻانهي جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا تہ منهنجن عزيزن مان غلام محمد فقير پاڻ ڪريمن کي زيارت لاءِ گهر وٽي ويو ۽ اها جون جي رب واري ڪُني خدمت ۾ پيش ڪيائين، پاڻ سڳورن سندس حال تي رحم فرمائي دعا گهريائون ۽ فرمايائون تہ اڄ کان پوءِ رب ۽ جَوَن جو پت توهان وٽان ويو ان کانپوءِ پاڻ ڪريمن جي دعا سان سپ آسودا ٿي ويا ۽ ڪڏهن بہ ڏڪيو ڏينهن ڪونہ ڏٺائون.

نقل 26: هڪ پيري درگاهہ مبارڪ تي، حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ حاضر هيس، انهن ڏينهن ۾ قاضي محمد عاقل سندن خدمت ۾ رهندو هو، هڪ ڏينهن پاڻ مون کي ارشاد فرمايائون تہ قاضي محمد عاقل هن کان اڳ اسان سان مخالفت ۾ دشمني رکندو هيو، پوءِ الله تعاليٰ کان دعا گهري سون، جنهن ڪري هاڻي قاضي صاحب اسان سان هيتري محبت ۽ الفت رکي ٿو، ان کان بعد پاڻ فرمايائون تہ دعا دشمن کي دشمني کان هٽائي، دوست بنائي ڇڏيندي آهي.

نقل 27: هيڪر حضرت پير سائين جن جڏهن نو مسلمن (جيڪي حضرت مخدوم صاحب جن

ڪنديہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جي هڻ تي اسلام کان مشرف ٿيا هئا) جي دعوت تي چهچرو ۾ تشريف فرما ٿيا، ۽ انهن کي حضرت مخدوم صاحب جن سان نسبت مضبوط ڪرڻ جي تلقين فرمايائون ۽ اسان کي ارشاد فرمايائون تہ جيڪي حضرت مخدوم صاحب جن وٽ اسلام کان مشرف ٿيا آهن، اهي سيئي صلاحيت جي زيور سان سينگاريل آهن ۽ شرڪ ۽ ڪفر کان پڪل آهن، انهن جو اندر ۽ ٻاهر برڪت سان پرپور ٿي چڪو آهي.

نقل 28: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ ٻهراڙي جي هڪ ولي‌ءَ کي ڪنهن شرعي مسئلي ۾ مونجهارو ٿي پيو، پوءِ انهيءَ ڪامل جي تصرف سان، حاجين جو هڪ قافلو، جنهن ۾ هڪ وڏو عالم بہ هو، رات جو پلجي صبح جو ان ٻهراڙي واري بزرگ وٽ اچي پهتو. انهيءَ الله جي ولي‌ءَ ان عالم کان مسئلو حل ڪرايو تڏهن عالم صاحب، ان ولي سڳوري کي چيو تہ توهان ڪنهن وڏي شهر ۾ وڃي رهو، جتي عالم سڳورا موجود هجن تہ جيئن مونجهاري وارا مسئلا انهن کان پڇي وٺو. بزرگ چيو اسان جو هتي ئي رهڻ ٺيڪ آهي، باقي جيڪڏهن ڪا مشڪل پئي تہ پوءِ الله تعاليٰ پاڻ ئي ڪنهن توهان جهڙي عالم جي وات گم ڪري اسان وٽ آڻيندو ۽ ڪائنس مسئلو پڇي وٺنداسون.

نقل 29: حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ جڏهن حيدرآباد جي حاڪمن موٽو هندو جي مسلماني کي رد ڪري، ڪافرن جو پاسو ورتو هو، تڏهن آئون (پير سائين جن) خليفو الهہ رکيو، ميان مرتضيٰ علي شاهہ ۽ ٻيا خليفا جماعت سميت اتي پهتاسون، جماعت چيو تہ حاڪمن جي قلعي کي ڪرامت سان ڍاهي ويران ڪري موٽو کي واپس وٺنداسون اسان انهن کي چيو تہ الله جي مرضي آهي تہ صبر ڪيو، موٽو جي ٻانهن توهان کي خودبخود ڏيندا، هن ڳالهہ ٻڌڻ شرط دوستن جو جوش دل جمعي سان بدلجي ويو تان جو جلد ئي حاڪمن موٽوءَ جي ٻانهن اسان جي حوالي ڪئي.

نقل 30: حضرت پير سائين جن جي مريد مهتو ميمڻ جو مڱڻو راهمگي جي ميمڻ گهراڻي مان ٿيو هو، پر هن اهو سنگ سيد مرتضيٰ شاهہ کي ڏيئي ڇڏيو، سيٺ قادر ڏني ميمڻ (وينل لکپتي بندر) کي اها ڳالهہ ڏکي لڳي، جو تہ ڪيچي ميمڻ جي رسم مطابق، هڪ ماڻهو سان مڱڻو ڪرائي وري ٻئي کي ڏيڻ شرم جو ڳالهہ هئي، سو مهتي ميمڻ کي قلعي لکپتي جي حاڪمن، مهرديهہ جي جمعدار هڻان ڏنڊ پرائي، برادري جي ٽالهيءَ مان ڪڍرائي ڇڏيائون. مهتو ميمڻ مون وٽ مدد لاءِ آيو، سو مون پاڻ ڪريمن جي مهر سان خط قادر ڏني ميمڻ ڏانهن، مهتي جي سفارش بابت خط لکي موڪليو، مگر هن بي ادب خط جي عزت نہ ڪئي ۽ درگاهہ مبارڪ ڏانهن هڻ ڪٽي چوڙ لڳو تہ منهنجا هڻ ڍڳها آهن جو مهتي ميمڻ کي ذليل ڪري هت آڻي قيد ڪنداسين جڏهن اها خبر ابراهيم فقير (جيڪو خط واري سان گڏ هو) مون کي پڌائي تہ مون کي يقين ٿي ويو تہ هن جي بربادي ٿي چڪي، تان جو پير سائين جن جو عجيب تصرف دنيا ڏٺو، جو قادر ڏني سنڌ جي حاڪمن جي واپار ۾ ڪوٽ ڪيو، جنهن ڪري حاڪمن ڪيس ٻن پائرن سميت جيل موڪليو ۽ چيائونس تہ چندو ڪري سرڪاري نقصان پري ڏي پوءِ پاڻ بہ

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چندي وٺ پويان رلي، وطن کان پري سفر ۾ ئي مري ويو مولانا رومي رحمۃ اللہ علیہ کھڙو نہ سنو چيو آهي:

از خدا خواهيم توفيق ادب
بی ادب محروم گشت از فضل رب

(الله تعاليٰ کان ادب جي توفيق گهران ٿو، جو بي ادب، الله تعاليٰ جي مهرباني‌ءَ کان محروم آهي.)

بے ادب تنها نه خود راداشت بد
بلکه آتش درهمه آفاق زد

(بي ادب اڪيلو پاڻ کي بچڑو نہ ڪيو، بلڪ (بي ادبي واري) باھ سڄي جهان ۾ ٻاري ڇڏيائين.

نقل 31: هڪ پيري ڪڇ جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن واره شهر، (جيڪو ابراسي جي پرسان آهي) ۾ اچي لٿا هئا، اتي پاڻ ڪريمن جا مريد محمد فقير هنگوري جا مائٽ اچي حاضر ٿيا، پاڻ توجہ فرمائي ارشاد فرمايائون تہ هڪ ڏينهن حضرت نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جو هارين وٽان گذر ٿيو، انهن عرض ڪيو تہ حضرتا! جوار پيا پوکيون، دعا جي عنايت ٿئي. تنهن تي نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو تہ اي زمين جيڪو رزق تو ۾ الله تعاليٰ رکيو آهي ان کي تمام سنو ڄمائجان، ۽ اي هاريو توهان بہ گهٽي پوک ۾ سستي نہ ڪجو حضرت رسول ڪريم جن جي فرمان جي برڪت سان، ان سال صحابين سڳورن جي پوک ۾ تمام گهٽي برڪت پئي. محمد فقير چوي ٿو تہ آئون پير سائين جن جي حضور ۾ هارين سان گڏ وينو هيس جو مٽين ڳالهہ کين ٻڌائي رهيا هئا، انهن هارين بہ جوارجي پوک پوکي هئي، سو مون چيو تہ مانَ تہ ياد رکو هن سال توهان جو اَنَ بہ گهٽو ٿيندو. ان کان پوءِ پاڻ ڪريمن جي مبارڪ تصرف سان، ان سال ايتري آبادي ٿي جو ٿي سال پئي کاڌائون، ٻيا غريب جيلي لائي لابارو ڪري رهيا هئا، انهن کي بہ تمام گهٽو حصو ملي ويو.

اي عزيز! حضرت پير سائين جن جي زبان مبارڪ ۾ عجيب تاثير ۽ تصرف سمايل هو، جنهن کي انڌي عقل وارو سمجهي نٿو سگهي.

نقل 32: هڪ پيري حضرت پير سائين جن حيدرآباد، هن لاءِ تشريف آندائون، جو غلام محمد انڑ تي سرڪاري قرض هو تہ ان کي ڇڏائي اچن. غلام علي ٽالپر، ڇٽي نالي خدمتگار ۽ سيد ذوالفقار شاھ صاحب کي سندن خدمت ۾ موڪليو تہ توهان وڃي پير سائين جن کي عرض ڪيو تہ حضرتا! مير صاحب چوي ٿو تہ جيڪڏهن مريدن جي دعوتن لاءِ تشريف فرما ٿيا آهيو تہ توهان جو اچڻ اسان جي اکين تي آهي پر جي ڪنهن جا پئسا ڇڏائڻ آيا آهيو تہ پئسا اسان کڏهن بہ نہ ڇڏينداسون ۽ توهان بہ شهر کان ٻاهر لهڻ فرمايو. انهن کي جواب ۾ پاڻ هي نقل بيان ڪري ٻڌايائون تہ بن شخصن جي پاڻ ۾ دوستي هئي، انهن مان هڪ شادي شده هو ۽ ٻيو چڑو هو، هڪ پيري اهو چڑو گهر ٻار واري جي دعوت

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تي آيو، اچي مهمان ٿيو، رات جو ڪچهري ۾ ذڪر فڪر ڪري سمهي پيا، صبح جي وقت جڏهن پڪي ٻولڻ لڳا، تڏهن ان گهر بار واري هي مقولو چيو "اٿي پانڌي پنڌپؤ، چيهٽالون"، تنهن تي ان چڙي جواب ڏنو تہ: "توڙي ڊينگ رڙن، تہ بہ نيرن ريءَ نہ نڪرون" سو پاڻ سڳورن انهن کي فرمايو تہ مير صاحب کي وڃي چئو تہ اسان بہ پئسن ڇڏائڻ کانسواءِ نہ وينداسون. ان کان پوءِ سندن تصرف سان ٻارهن هزارن مان پنج هزار مير صاحب معاف ڪيا، باقي ستن هزارن جي ضمانت پير سائين جن کان لکرائي ورتائين، پر آخر اهي ست هزار بہ معاف ڪري ڇڏيائين جنهن جو تفصيل ڪرامتن جي نقلن ۾ بيان ڪنداسون.

نقل 33: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي درگاهہ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ وينو هيس، تہ هڪ معذور شخص شهر دهلي کان آيو، جنهن حاضر ٿي اچي تلقين حاصل ڪئي ان جي هٿ ۾ هزار داڻن واري تسبيح هئي جنهن کي ڏسي فقير کليا ٿي مگر عجب جوش هو معرفت جي درياهہ ۾، جو هڪ ئي ڇولي سان ان سڪل زمين کي سرسبز ڪري، صبح جو خلافت جو تاج سندس مٿي تي رکي، ڪيس واپس وطن وڃڻ جي اجازت ڏنائون.

نقل 34: فتح محمد فقير نظاماڻي چوي ٿو تہ هڪ ڀيري سفر ۾ حضرت پير سائين جن سان گڏ هيس، هڪ ڏينهن پيشاب ڪري، بغير استنجا جي حضور ۾ حاضر ٿيس، پاڻ فرمايائون تہ هميشہ وضوءَ سان رهندو ڪر؟ مون عرض ڪيو تہ حضرتا! پاڻي موجود ڪونہ هيو پاڻ فرمايائون تہ جي پاڻي نہ هجي تہ تيمم ڪرڻ گهرجي، ان کان بعد پاڻ ڪريمن جي تصرف ۾ برڪت سان ڪڏهن بہ بنا وضو نہ رهيو آهيان.

نقل 35: محمد رحيم فقير لوهر، ٽنڊي بهادر نظاماڻي جو رهندڙ، نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن قيدين کي ڇڏائڻ لاءِ، خيرپور جي مير سهراب وٽ ظهر وقت لٿا هئا، پر مير صاحب ظهر کان وڻي ٻئي ڏينهن جي صبح تائين ڪابہ ورندي يا مروت جي موٽ ڪانہ ڏني. اشراق کانپوءِ گاجي فقير پلهہ عرض ڪيو تہ حضرتا! مير سهراب خان چوي ٿو تہ منهنجي پٽ مير غلام حيدر کي پيٽ ۾ درد ٿي پيو آهي، دعا ڪريوس تہ ڇڪو پلو ٿئي ۾ سيئي قيدين جا نالا بہ لکي ڏيو تہ انهن کي آزاد ڪيان؟ پير سائين جن جواب ۾ ارشاد فرمايو تہ اي گاجي فقير! مير صاحب کي چئو تہ قيدين کي خدا ڪارڻ آزاد ڪر، پوءِ اسان بہ (خدا ڪارڻ) تنهنجي پٽ لاءِ دعا گهرنداسون ان کان بعد مير صاحب قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو پوءِ پاڻ ڪريمن جي دعا تصرف سان سندس پٽ بہ ڇاڪ ٿي ويو.

نقل 36: خليفو لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪڙي ڏينهن حضرت پير سائين جن منهنجي دعوت تي تشريف فرما ٿيا، عشاء نماز بعد، گهٽي دير کانپوءِ سندن خدمت ۾ طعام اچي حاضر ڪيم، پاڻ فرمايائون تہ چا آهي؟ عرض ڪيم تہ ٻوڙ ۾ پلاءُ آهي پاڻ فرمايائون تہ جوار جي ماني ۾ سرنهن جي ڀاڄي هجي تہ اها کپي؟ رات گهٽي گذري وئي هئي ۾ سرنهن جي ڀاڄي بہ حاضر ڪانہ هئي، پر پاڻ ڪريمن جي ارشاد موجب عرض ڪيم تہ حضرتا! اجهو اها بہ پيش ٿو ڪيان. دل ۾ خيال ڪندو گهر

ويس، وڃي پيٽ کي چير ته پاڻي مان وڃي پچا ڪر جيڪڏهن ڪنهن وٽ سرنهن جي پاڃي هجي ته پير سائين جن جي واپرائڻ لاءِ ونڻي اڇ. پيٽ چيو ته هن وقت سپ ستا پيا هوندا، ساڳ ڪٿان ملندو؟ ان وقت اسان جي گهر ۾ هڪ صغير سيدزادي ستي پئي هئي، تنهن چيو ته ڪهڙي ڳالهه آهي؟ مون چيو ته سرنهن جي پاڃي خاص پير سائين جن لاءِ هن وقت گهرجي ٿي. صاحبزاديءَ ٻڌايو ته اسان جي اوطاق ۾ سرنهن جي پاڃي ۽ جوار جي ماني ٽانون ۾ ڏڪي رکي آهي، وڃي ڪٽي اچو پوءِ اها مون ڪٽي اچي سندن خدمت ۾ حاضر ڪئي ۽ پاڻ استعمال فرمايائون.

نقل 37: حضرت پير سائين تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي هڪ هندو عورت کي مسلمان ڪرڻ جي ارادي سان ڪيئي پيرا ڪيس ڪلمي شريف پڙهائڻ جو ڪوشش ڪئي ويئي پر هوءَ پڙهي نٿي ڪاڻ پئي حضرت پير سائين جن گهڙي ڪن توجه فرمائي، نظر عنايت فرمائڻ کان بعد فرمايائون ته هاڻي ڪلمو شريف پڙهايوس، پوءِ پاڻ ڪريمن جي تصرف ۽ ان فرمان ٻڌڻ شرط، ان عورت پاڻهي ڪلمو پڙهڻ شروع ڪيو.

اي عزيز! ٻوچڙائي بزرگن[1] جو نقل هن طرح مشهور آهي ته ڪنهن هندو کي ملن مسلمان ڪرڻ لاءِ ڏاڍا زور لڳايا، لنئين سان مار ڏني ۽ آخر لوهي سيخون تپائي بدن تي ڏنيپ ۽ ڏنائونس پر تڏهن ۽ ڪلمو پاڪ نه پڙهيائين، آخر عاجز ٿي ان هندوءَ کي ٻوچڙائي بزرگ وٽ ونڻي آيا بزرگ ان هندو تي فيض جي نظر جو فرمائي ته خودبخود ڪلمو شريف پڙهڻ لڳو ملن عجيب مان ان کان پڇيو ته اسان توکي هيترا ايذاءَ ڏنا پر تو تڏهن ۽ ڪلمو نه پڙهيو ۽ هينئر فقط هن بزرگ کي ڏسڻ شرط ڪلمو پيو پڙهين، انهيءَ جو سبب ڇا آهي؟ ان شخص ملن کي چيو ته توهان منهنجي ڪل پي ساڻي، پر هن بزرگ منهنجي اندر ۾ آگ لڳائي ڇڏي، جنهن ڪري مون کي ڪلمي شريف پڙهڻ کان سواءِ ڪوبه رستو نه هيو!

نقل 38: خليفو سارنگ فقير ڪلهوڙو نقل ڪري ٿو ته، هڪ دفعي درگاهه مبارڪ تي حضرت پير سائين جن ڪنهن مريض جي طبع پرسي لاءِ سندس گهر ٿي ويا، اتفاق سان گهرجي گهٽيءَ کان ڪو هندو اڇي لنگهيو جنهن تي پاڻ ڪريمن جي نظر ڪرم پئجي وئي هندو جڏهن پير سائين جن کي ڏٺو ته اهو ڏسڻ شرط بي اختيار ٿي اڇي سندن قدمن تي ڪريو ۽ ڪلمو شريف پڙهڻ لڳو پاڻ فرمايائونس ته اسان زور ڪونه ٿا ڪريون، وڏيڪ تنهنجي مرضي مگر اهو نظر فيض اثر جو شڪار ٿي چڪو هو، سو بنا دير مسلمان ٿي ويو.

نقل 39: فقير غازي خال ٽالپر نقل ڪري ٿو ته، هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن هڪ جنازي سان گڏجي "شيخ طيب" قبرستان پهتا. آئون به ساڻن گڏ هيس، قبر کوٽيندڙن ۾ هڪ شخص سخت

---

[1] ٻوچڙائي بزرگ مخدوم عبدالحميد ڪاتيار جي درگاهه جا گادي نشين ڳوٺ شيخ پرڪئي جا حيدرآباد لڳ ۽ ميل اتر طرف ويندل آهن. (ف،ق،ع)

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

طبيعت جو (جوشيلو) هو. ميت کي دفنائڻ کان بعد جڏهن پير سائين جن موٽيا، تڏهن ٻيا فقير سڀ پوئتي رهجي ويا، مگر اهو شخص پاڻ سڳورن جي سواري سان گڏ ڊوڙندو اچي درگاهه شريف پهتو. اهو شخص درگاهه شريف تي گهٽو وقت رهيل هوندو هو ۽ پاڻ ڪريمن جي خدمت ڪندو هو ۽ زور ٻه ڏينڊو رهندو هو. هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن منهنجي وڏي ٻاءُ شادي خان کان پڇيو ته، هن کي سڃاڻين ٿو؟ ان عرض ڪيو ته حضرتا! نه، تڏهن پاڻ فرمايائون ته هن جي نسبت اسان سان مضبوط آهي، چو ته حضرت ميان صاحب جن فرمائيندا هئا ته جيڪو ٻه اسان جي سلسلي ۾ داخل ٿيو، ان کي اسان هرگز نه ڇڏيندا سون پوءِ پاڻ ڪريمن ان شخص جي سڃي ڳالهه هن طرح ٻڌائي ته: هن جي ماءُ ڪيس ٻارائپ ۾ اسان وٽ ڪٽي آئي هئي، اسان کي چيائين ته هن جو پيءُ وفات ڪري ويو آهي ۽ مان هن جي ماءُ آهيان، حياتي تي اعتبار نه آهي، تنهن ڪري منهنجي هن پٽ کي پنهنجي سلسلي عاليه ۾ داخل فرمايو ته عنايت. پوءِ اسان ان کي اڳيان ويهاري بيعت وٺي پنهنجي سلسلي عاليه ۾ داخل ڪيوسون. پوءِ ان جي ماءُ ٻه گذاري وئي ۽ هي وڃي بدعتين نشائين جو صحبتي ٿي دائري ۾ وينو، مٿان اچي هي جواني کي پهتو. انهن بدعتين نشائين جو دائرو (اوتارو) درگاهه مبارڪ جي پرسان هيو. هڪ ڏينهن اسان وڏي صاحبزادي ۽ فقير کي چيو ته وڃو بدعتين نشائين جو دائرو ڀاهي ۽ بدعت جو سامان (ڏندا، ڪوندا) پيڇي صاف ڪري اچو، صاحبزادو ۽ فقير ويا، جن دائري وارن کي سزا ڏئي، بدعت جو سامان پيڇي، هن شخص کي گرفتار ڪري وٺي آيا، جڏهن اسان جي اڳيان آيو، تڏهن ڏسڻ شرط حال پئجي ويس ۽ لڪل زهر ظاهر ٿيڻ سان بي اختيارتي ڪري پيو ۽ تي ڏينهن بي خبر پيو رهيو، چوٿين ڏينهن هوش ۾ آيو ۽ ميان قابل شاهه کي چيائين ته مون کي اڄ بدعت جي سخت ٻاڙ لڳي آهي. ميان قابل شاهه اسان وٽ آيو ۽ حالت بيان ڪيائين، اسان ان جي وات ۾ ٽڪ وڏي سون ته وري کيس حال پئجي ويو. هاڻي الله تعاليٰ پنهنجي ڪرم سان کيس بدعت ۽ بدعتين کان آزاد فرمايو آهي ۽ هي سڀ حضرت ميان صاحب جن جو فيض ۽ برڪت آهي.

نقل 40: لونگ فقير لوهار، ڪارياڻي جو رهندڙ نقل ڪري ٿو ته، هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾، ديهه ڪڙيي ۾ لٽيا، مون کي سرديءَ سان بخار اچي ويو، جنهن ڪري ڪپڙن ۾ ويڙهيو وينو هيس، پاڻ مهر فرمائي پڇيائون ته ڪيئن آهين؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا! بخار اچي ويو آهي پاڻ فرمايائون توکي وڏو جلاب ڪرائيندا سون، جيڪو مون ٻه استعمال ڪيو هو پوءِ پاڻ ڪريمن جي انهيءَ فرمودي سان ئي بخار ڇڏي ويو.

نقل 41: الهداد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هڪ ڀيري حضرت پير سائين جن لڏي فقير نظاماڻيءَ جي ڳوٺ تشريف فرما ٿيا، اتي هڪ ماڻهوءَ عرض ڪيو ته آئون لڏي فقير جو قرضي آهيان مگر صفا سچو غريب آهيان ۽ ڪي ڪجهه نه اٿم، حضرتا خدا جي واسطي هن کان منهنجي جند ڇڏايو لڏو فقير ٻه مجلس ۾ ماڻ ڪري وينو هو ۽ سوالي ٻه بار بار سوال ٿي ڪيا! پاڻ ڪريمن گهڙي ساعت

مٿو مبارڪ هيٺ ڪري، ان کان بعد مٿو مبارڪ مٿي کٽي، لڏي فقيرن ڏانهن نظر فرمايائون، نظر پوڻ شرط لڏي فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! اڏ قرض معاف ڪيم. سوالي وري عرض ڪيو حضرتا! مون ۾ بلڪل طاقت نہ آهي، جو قرض ادا ڪري سگهان. پاڻ مٿو مبارڪ وري هيٺ فرمائي ماڻ فرمايائون. قرضي عرض ڪندو رهيو، پاڻ مٿو مبارڪ وري مٿي فرمائي لڏي فقير ڏانهن نظر فرمايائون تہ لڏي فقير هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ حضرتا رهيل اڏ بہ قرضيءَ کي بخشي ڇڏيم پوءِ پاڻ سڳورن لڏي فقير لاءِ دعا خير فرمايائون.

اي عزيز! لڏو فقير نظاماڻي تمام سخت طبيعت جو هو، جنهن ۾ هڪ ڪوڏي معاف ڪرڻ جي بہ اميد نہ هئي، پر سندن مبارڪ تصرف سان قرضي قرض کان ڇٽو ٿي لڏي فقير دعا حاصل ڪئي چوندڙ ڪهڙو نہ چڱو ڇيو آهي:

کیمیا درنگاہ کاملان حق داشتہ
دیدن ایشان جلوہ اکثیر اکبر میکند

(الله تعاليٰ ڪيميا کي ڪاملن جي نگاهہ ۾ رکيو آهي، انهن جي نظر پارس کان بہ وڌيڪ اثر ڪري ٿي)

نقل 42: رمضان فقير سهتو نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ وينو هيس، ان وقت نوان مريد تمام گهٽا فيض وٺي رهيا هئا، حاضرين مجلس مان هڪ غير مريد عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪو نئون مريد ٿيندو آهي، اهو ٿانو پاڻ سان آڻيندو آهي ڇا؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ، مهمان ٿانو نہ آڻيندا آهن، بلڪ مهمان نواز ان کي پنهنجي ٿانون ۾ طعام ڏيندو آهي.

اي عزيز! ٿانون مان مراد طالب جي قابليت ۽ صلاحيت آهي جنهن ڪانسواءِ باطني فيض حاصل ڪرڻ محال آهي ۽ مهمانن مان مراد مريد آهن ۽ مهمان نواز مان مراد پير آهي ۽ طعام جو مطلب معنوي فيض آهي، جيڪڏهن پير ڪامل مڪمل صاحب تصرف جو آهي، تہ بي لياقت طالب کي بہ ايترو معنوي فيض بخشي ٿو، جو قلم جي لکڻ کان ٻاهر آهي هڪ نقل مشهور آهي تہ هڪ رات حضرت غوث الاعظم رضي الله عنه جي آرام واري جاءِ ۾ هڪ چور گهڙي آيو ۽ چوريءَ جي ارادي سان حضرت غوث الاعظم جي پهراڻ مبارڪ جي دامن ۾ هٿ وڌائين. حضرت پيران پير ڪيس پڪڙي قابو ڪري ڇڏيو. صبح جو حضرت غوث الاعظم جي خدمت ۾ هيءَ خبر عرض رکي وئي تہ، فلاڻي ولايت جو قطب وفات ڪري ويو آهي پاڻ ان چور کي فيض ڏئي، ان ولايت جو "قطب" بٽائي روانو فرمايائون. ڪن ماڻهن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا هن چور تہ بي ادبي ڪئي، جو اوهان وٽان چوري ڪرڻ آيو، پوءِ هن کي هيتري مرتبي تي پهچائڻ ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ حضرت غوث الاعظم رضي الله عنه فرمايو تہ چور جي طاقت ايتري هئي جو اسان جي دامن ۾ هٿ وڌائين ۽ اسان جي همٿ اها هئي جو هن کي قطبيت (ولايت جو بلند ۽ اڪمل درجو) ڏئي روانو ڪيوسون. اي عزيز! پير سائين جن بہ اسان لاءِ وقت جا غوث هئا ۽

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پنهنجي مرتبي جي خبر هن بيت سان ڏيندا رهندا هئا:

راڻي وٽان رات، نئون نياپو آئيو،
لڏائون لطيف چوي، ڏاتر وٽان ڏات،
ڪانہ پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگهيا!

ءِ چوندڙ ڪهڙو نہ چگو چيو آهي:

آنها که خاک را بنظر کیمیا کنند
ایا بود که کاشکے چشمے بما کنند

(جيڪي فقط نظر سان متيءَ کي ڪيميا ڪري ڇڏيندا آهن. (خدا ڪري) من اسان تي بہ سندن نظر جي جهلڪ پئجي وڃي).

یک نظر فرماکه مستغنی شوم زبنائے جنس
سگ که شد منظور نجم الدین سگانرا سرور است

(هڪ ئي نظر اهڙي فرماءِ جو هڪ جيڏن کان بي پرواه ٿي وڃان. جيڪو ڪتو. حضرت نجم الدين رحمۃ اللہ علیہ جي نظر هيٺ آيو (ٻين سيني) ڪتن جو سردار آهي).

نظرت کیمیا است گرنگری
درم قلب ماچو زد گردد

(تنهنجي نظر مبارڪ ڪيميا آهي، جيڪڏهن نظر فرمائيندين تہ اسان جو ڪوٽو درم بہ سون جهڙو ٿي پوندو)

نقل 43: هڪ دفعي آئون (جامع ملفوظات(درگاهہ مبارڪ ويس ٿي تہ منهنجي پيءُ مون سان بہ ماٺهو گڏي ڏنا تہ مون کي درگاه مبارڪ تان ستت واپس وڃي اچن. هڪ انهن مان ڪوسو فقير رستڪ نالي ءِ ٻيو پرچيڏنو هالپوٽو هيو. وات ءِ ڪوسو فقير ارادتمند ٿي ويو! جڏهن حضرت پير سائين جن جي خدمت اقدس ءِ حاضر ٿياسون، تڏهن عرض ڪيائين تہ حضرتا! آئون بڪايل آهيان، مون کي ڏؤ ڪرايو. پاڻ ڪيس طريقي عاليہ ءِ داخل فرمايائون، پوءِ هيءُ اهڙو صاحب حال بڻجي ويو، جو ان جو مثال ورلي لهندو حالانڪ هن کان اڳ جاهل مطلق، بداخلاق، شريعت کان پاسيرو هوندو هو، جڏهن تہ هن وقت مسجد شريف نهرائي اٽس، جنهن ءِ بانگ صلوات، فڪر ڪري پنهنجي خدا سان مشغول وينو آهي.

ڪندريه پبليڪشنز ءِ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 44: خليفو ميان اميد علي، خدابخش نظاماڻي کان نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي آئون هڪ موذي مرض ۾ مبتلا ٿي پيس، اتفاق سان درگاھ مبارڪ تي روانگي ٿي، دل ۾ ارادو ڪيم ته حضرت پير سائين جن کي عرض ڪندس ته حضرتا! مون کي هن موذي مرض کان ڇڏايو. جڏهن خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيس ته پاڻ وضو فرمائي رهيا هئا، مون بيماري کان شفا حاصل ڪرڻ جي ارادي سان پاڻ ڪريمن جي هٿن مبارڪن جو مستعمل پاڻي پي ڇڏيو ۽ کين بيماري متعلق ڪجھ به عرض نه ڪيم. بفضل الاهي ان مستعمل پاڻي جي برڪت سان ظاهري ۽ باطني بيمارين کان دوائن بغير جلدي شفا حاصل ٿي وئي.

نقل 45: جمالي قوم جي هڪ فقير، نقل بيان ڪيو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جيسلمير جي سفر تي اسهيا هئا، هي فقير به محبت جي جذبي کان سندن پويان اڪيلو ۽ پيادو روانو ٿيو، جڏهن رڻ پٽ ۾ پهتس، جتي نه پاڻي هو نه آبادي هئي، تڏهن اڄ جي سختي سبب ٽڪجي هڪ وڻ جي ڇانو هيٺ نا اميد ٿي ڪري پيس ۽ اکيون کٽي بند ڪيم ايتري ۾ پير سائين جن کي ڏٺم جو فرمائي رهيا هئا ته چوبي همت ٿيو آهين اٺ پاڻي تمام ويجهو آهي! ان کان بعد اٿي هلڻ لڳس اچان ويهارو قدم مس هليس، ڏسان ته هڪ وڻ ۾ ٽڏي پاڻي جي ڪلي ٽنگي پئي آهي، ان مان پاڻي پي روانو ٿيس جڏهن سندن حضور ۾ پهتس، تڏهن مون ڏانهن نهاري مرڪي فرمايائون ته، اهڙو بي همت ٿيڻ نه گهرجي

نقل 46: لڏو فقير ڪنپر نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن منهنجي اڳڻ کي قدم گهمائڻ جي سعادت بخشي. پاڻ صاحبزاده محمد حسن سان گڏ ڪٺ تي رونق افروز ٿيا، صاحبزادي ڪٺ هيٺان رکيل چلم کي ڏئو ته فرمايائين لڏا فقير تون به چلم ناهيندو آهين چا؟ مان ته شرم وچان کو جواب ڪونه ڏيئي سگهيس، پر منهنجي شرم سبب پاڻ ڪريمن اهڙي ته نظر فرمائي جو آئنده لاءِ چلم ۽ حقن ناهڻ جو خيال ئي دل کان نڪري ويو، جيتوٽيڪ حڪومت جا ماڻهو وڏي قيمت ڏيڻ لاءِ به تيار هوندا هئا پر مون ڪڏهن به وري حقو نه ناهيو.

نقل 47: عبدالله فقير، محمد خان ڊڪڻ (جيڪو پاڻ ڪريمن جو مريد هو) کان نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي هڪ هندو عورت سان عشق ٿي پيو نتيجي ۾ حضرت جن جي ديدار جي دولت کان محروم رهجي ويس، دير سان جڏهن درگاھ مبارڪ پهتس ته پاڻ فرمايائون محمد! خير ته هو، جو هيترا ڏينهن اسان وٽ ڪونه آئين؟ پوءِ بدقسمتي جي روئداد عرض ڪيم، پير سائين جن فرمايو ته ڪڏهن انهي عورت سان ڪچهري به ڪئي اٿئي؟ عرض ڪيم بس پري کان ديدار ڪيان پيو، ڳالهائڻ جي جرئت ئي نه ٿي آهي. پاڻ فرمايائون تون ساڻس ڳالهائي ته ڏس. سندن اجازت سان جڏهن ڳوٺ آيس ته عورت سان ڳالهايم، پوءِ بس ديرئي ايتري ٿي ۽ عورت جي محبت کان ڇٽي پيس.

نقل 48: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ دفعي ڪن مهيسرن پنهنجون مينهون گم ڪيون هيون، اسان وٽ دعا لاءِ آيا، اسان الله تعاليٰ جي دربار ۾ هٿ کنيا ته مهيسرن تي وجد طاري

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٿي ويو ۽ سيئي شوق ۽ حال جا مالڪ ٿي جماعت ۾ شريڪ ٿي ويا ۽ مينهون ڪين وسري ويون.

اي عزيز! اهي دنيا جا طالب هئا، تنهن ڪري دنيا طلب ڪيائون پر پير سائين جن پنهنجي لائق ڪرم فرمايو جو الله تعاليٰ جي وات ڪين ڏيڪاريائين:

هر کس آن کند که لائق اوست
(سڀ کو ماڻهو پنهنجي لائق ڪم ڪندو آهي)

نقل 49: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي ڏني فقير کي پيٽ ۾ سور پيو ته حضرت پير سائين جن کي قيٽي لاءِ عرض ڪيائين پاڻ پنهنجو ڪپڙو ان جي پيٽ تي ڦيرائي دم ڪيائون، الله تعاليٰ جي مهرباني سان بروقت چاڪ ٿي ويو.

نقل 50: غازي فقير منگريو ڪانهرن (روپاهه لڳ هڪ ديهه) جو رهندڙ نقل ڪري ٿو، ته هڪ عورت حضرت پير سائين جن کي الله پاڪ جو قسم وجهي عرض ڪيو ته حضرتا، منهنجي گهر هلي دعا گهرو ته منهنجن ٻچن کي ماتا جي بيماري ڇڏي وڃي. پاڻ مائي جي گهر هلي "هي لفظ فرمايائون" اي ماتا! مون کي الله تعاليٰ جو اسم وجهي هت آندو اٿن ۽ تنهنجو به آخر الله تعاليٰ سان ڪم آهي، تون هنن کي ايذاءَ نه پهچاءِ، متان عذاب ۾ گرفتار ٿئين پوءِ الله جي مهرباني سان بيمار ماڻهن کي شفا حاصل ٿي. غازي فقير چوي ٿو ته پاڻ ڪريمن جي اجازت سان مان به اهي لفظ ماتا جي بيماريءَ لاءِ چوندو هئس ته فقط لفظن جي برڪت سان بيمار چڱو پلو ٿي ويندو هو.

نقل 51: سيد موليڏنو شاه ٽنڊي باقر نظاماڻي جو نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ديهه ڪنگري ۾ لٽل هئا، اتي جو هڪ موالي زيارت لاءِ حاضر ٿيو فقيرن ان کي چيو ته ادا سڄي عمر بدعت ۾ گذاري اتي ان مان ڪوبه فائدو نه ٿيو. اتي، هاڻي جڏهن ته زماني جو مرشد برحق هتي لٽل آهي جيڪڏهن ذڪر جي تلقين ونين ته جيڪر ڏاڍو پلو ٿي پوئي؟ موالي کي اها ڳالهه دل سان لڳي ۽ ذڪر جي تلقين وٺي طريقه عاليه قادريه ۾ داخل ٿيو، اٿن ڏينهن کان پوءِ موالي جي پاڙيچن اچي، سندس وفات جي خبر ٻڌائي، ۽ پڻ اها شاهدي ڏنائون ته سڪرات ۾ به سندس زبان ذڪر ۾ مشغول هئي وفات کانپوءِ سندس دل به هلندي رهي اتي جي سمورن ماڻهن پاڻ ڪريمن جو اهو ڪمال تصرف اکين سان ڏٺو.

نقل 52: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته پاڳ جي شهر ۾ قاضي فاضل نالي هڪ درويش رهندو هيو، جيڪو چڱن ڪمن جي تلقين ۽ برن ڪمن کان ماڻهن کي منع ڪندو هو. هڪ دفعي انهي شهر ۾ هڪ چشتي بزرگ اچي لٽو (جيڪو سماع جو غذا جي حد تائين سخت عاشق هيو) بزرگ سماع جو خيال ڏيڪاريو ته ماڻهن کيس ٻڌايو ته قبلا هتي جو قاضي صاحب نه فقط سماع کان روڪيندو آهي پر تعزير به ڏيندو آهي. آخر بزرگ رات بغير سماع جي گذاري، صبح جو قاضي صاحب بزرگ وٽ ملاقات ۽ صحبت لاءِ آيو ته کيس دلي سکون نصيب ٿيو، جنهن ڪري بزرگ کي

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پي رات رهڻ لاءِ عرض ڪيائين. بزرگ صاحب فرمايو، بغير سماع جي هڪ رات بہ خدا ڄاڻي ڪيترن سورن سان گذري آهي قاضي صاحب چيو تہ اوهان کي سماع جي اجازت آهي، پلي اتي مسجد ۾ ئي محفل ڄمايو تہ مون کي ڪو اعتراض ڪونهي. بزرگ رات رهي پيو، سماع جي محفل شروع ٿي ٻن چوڪرن سارنگي تي ڳائڻ شروع ڪيو تہ بزرگ بي اختيار ٿي استغراق جي دنيا ۾ پهچي ويو. قاضي صاحب بہ محفل ۾ شريڪ هو، هن جڏهن شرعي فيصلي لاءِ چند ماڻهن کي ايندي ڏٺو تہ ڪافي پريشان ٿي بزرگ کي ڪن ۾ صورت حال ٻڌايائين. بزرگ مستي ۾ ئي فرمايو: هُوَالسَّتَّارُ سَتَّرَ عُيُوْبَنَا هُوَالْغَفَّارُ غَفَرَ ذُنُوْبَنَا (اهوئي ڍڪڻهار آهي جنهن اسان جا عيب ڍڪيا، اهوئي بخشڻهار آهي جنهن اسان جا گناهہ معاف فرمايا آهن) بزرگ جي تصرف سان ٻاهران آيل ماڻهن کي قاضي صاحب نظر ڪونہ آيو ۽ هو اهڙي طرح موٽي ويا هليا.

نقل 53: محمد خان ولد بهادر خان نظاماڻي پنهنجي پاڻ غلام علي فقير کان نقل ڪري ٻڌايو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن اسان جي دعوت تي رونق افروز ٿيا، اسان سندن استقبال لاءِ اڳتي وڌياسين، پاڻ ڪريم جڏهن باغ وٽ پهتا تہ اسان بہ حاضر هئاسين، پاڻ لهي منهنجي والد کي پاڪر پاتائون مون کي وجد جي متعلق شڪ رهندو هو، پر جيئن ئي پاڻ مون ڏانهن نظر فرمايائون، ڇڙ تہ تير لڳي ويو، ۽ شڪ جو ڪنڌو نڪري ويو، جو بي اختيار ٿي ويس، پوءِ مون کي پاڪر ۾ ورتائون.

نقل 54: عبدالله فقير وادو (ننڍي جو رهندڙ) نقل ڪري ٻڌايو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ڳوٺ چڪ ۾ (شڪارپور لڳ) تشريف فرما ٿيا، عشاء نماز کان پوءِ هڪ هندو عورت مسلمان ٿيڻ آئي ميان قابل شاهہ کيس شهادت جو ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيو، عورت جي پنيان سندس مڙس ونڊ آيو، ميان قابل شاهہ چيس تہ مسلمان ٿيڻ جي شرط تي ئي توکي زال ملي سگهندي. هندو تہ ڪاوڙجي هليو ويو ۽ مائي چيو تہ انهي کي مسلمان ٿيڻ لاءِ چئو ئي نہ (چو تہ دل سان اسلام قبول نہ ڪندو) ايتري ۾ پير سائين جن رفع حاجت کان فارغ ٿي آيا، هندو وري حضور ۾ فريادي ٿي آيو، پاڻ کيس جواب ڏيڻ جي بجاءِ اهڙي تہ نظر فرمايائون جو هندو بي اختيار ٿي ڪلمو شريف پڙهي مسلمان ٿيو.

نقل 55: سويو فقير نقل ڪري ٻڌايو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن کي عرض ڪيم تہ قبلا! دنيا وارن وٽ ڪمين ڪارين وڃڻ ٿيندو آهي، تنهن لاءِ ڪو وظيفو عنايت ٿئي؟ پاڻ فرمايائون، جڏهن انهن جي ويجهو وڃين تہ ست ڀيرا سورة فاتحہ آهستي پڙهي پنهنجي جسم تي ڦيٽو وجهي ڇڏ مون عرض ڪيو تہ حضرتا! سورة فاتحہ جا ڀيا بہ گهٽا فائدا آهن، پر اوهان جي زبان مبارڪ سان ئي، اهي برڪتون حاصل ٿيندڙيون پاڻ فرمايائون تہ عقل ۽ ڪرامت متفق آهن، بلڪ عقل ڪرامت کان مٿاهون آهي پوءِ پاڻ وزير ۽ بادشاهہ جو واقعو مثال طور بيان فرمايائون تہ: ٻئي ڇٽا جبل ۾ رهندڙ هڪ بزرگ وٽ ويا بزرگ وٽ ڪرامت جو بيان هليو تہ بزرگ هنن جي چوڻ تي لٺ پٽر تي هنئي تہ انهيءَ مان

ڪنڊريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چشمو جاري ٿي پيو! وزير چيو ته مان بہ لڻ هٽي پٽر مان پاٽي جاري ڪريان. بزرگ لڻ هٽڻ جي ڪيس اجازت ڏني ته پاٽي نڪري پيو ۽ بزرگ عجب ڪرڻ لڳو! تڏهن وزير عرض ڪيو ته سائين هي بہ توهانجو ئي تصرف آهي. اي عزيز! هي خاص سندن تصرف هو ۽ سائل کي فقط تسلي لاءِ وظيفو عنايت فرمايائون جيئن ته آخر ۾ پاڻ فرمايائون، ته اي يار تون بہ اسان جي چوڻ تي عمل ڪندو ڪر سندن حڪم مطابق ڪندو هوس ته في الفور مقصد پورو ٿيندو هو.

نقل 56: حمل فقير نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا ته اسان پاڻ ۾ چار پائر هئاسون گڏجي هڪ چرخي تي آبادي ڪندا هئاسون ۽ هر هڪ جي ذمي پوک جي هڪ ڪنڊ جي حفاظت مقرر هئي. جيئن خنزير وغيره کو نقصان نہ ڪري وجن مان پنهنجي پاسي آيت الڪرسي شريف پڙهي اشارو ڪري ڇڏيندو هوس ۽ سڄي رات الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويندو هوس پوءِ صبح جو ٻئي پاسي کان کو نقصان ٿيندو هو ته نهيو باقي منهنجي طرف کان کوبہ نقصان ڪونہ ٿيندو هو. ڏينهن جو پکين هڪلڻ لاءِ بہ ساڳي طرح آيت الڪرسي پڙهي پوءِ ڪتابن جي مطالعي ۾ مشغول ٿي ويندو هوس ۽ پکي هڪ داڻو بہ نہ کائيندا هئا.

نقل 57: هڪ دفعي اونهاري ۾ حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر تي تشريف ونڊي هليا، هوا ايتري قدر سخت هئي، جو هڪ ٻئي جو منهن بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو. مون کي خوف ٿيو ته ڪڙيو اڳي ئي گرد غبار جو علائقو آهي، ويتر هوا جو اهو حال رهيو ته پوءِ رب رحم فرمائي خدا جي قدرت ٻئي ڏينهن پير سائين جن، فقير (جامع ملفوظات) وٽ ڪڙئي جي ڳوٺ جي مسجد ۾ رونق افروز اچي ٿيا ته رب سائين جي فضل ۽ پاڻ ڪريمن جي توجہ سان هوا بلڪل بند ٿي وئي، مون پنهنجي انديشي جو ذڪر ۽ سندن توجہ جو ذڪر ڪيو، ته پاڻ مرڪي فرمايائون بزرگ اها ته توهان جي ڪرامت آهي! مون عرض ڪيو حضرتا منهنجي ڪرامت نہ پر اوهان جو احسان آهي پوءِ فرمايائون ته اسان جي ملڪ کي گرمر شايد هوا نہ لڳڻ ڪري چوندا آهن ۽ توهان جي ملڪ کي ٺڏو هوا لڳڻ ڪري چون ٿا، اڄ هوا ڪانهي ته گرمي پئي لڳي.

نقل 58: سيد مرتضيٰ شاه نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي ڪڇ جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن ديهہ نريو ۾ رونق افروز ٿيا، اتي برسات نہ وسڻ سبب ماڻهو سخت پريشان هئا ۽ اتي جي رهاڪن ۽ آس پاس وارن حضور ۾ نهايت عاجزي سان بارش لاءِ دعا جي درخواست ڪئي پاڻ شفقت فرمائي دعا گهريائون سندن دعا جي برڪت سان بروقت زوردار برسات پئي.

نقل 59: ميڏنو فقير پليجو نقل ڪري ٿو ته هڪ پيري درگاه مبارڪ تي حضور ۾ حاضر هوس ته هڪ ماڻهوءَ کي (ڪپڙي جي) جهولي ۾ وجهي مسجد ۾ حضرت پير سائين جن وٽ ڦيٽي لاءِ ڪٽي آيا، ڪافي ستائڻ باوجود پير سائين جن ان تي نظر نہ فرمائي، بيمار ۽ ان جي عزيزن خليفي محمد

حسن شاھ کي منٺ ڪئي، خليفي صاحب عرض ڪيو، تہ پاڻ فرمايائون ھن شخص کي ڦيٽو نہ رکندس، ڇو تہ ھي پنھنجي زبان سان جن جو اثر ٻڌائي ڇڏيو، حالانڪ ڪنھن بہ جن کي اسان جي مريد ڏکائڻ جي طاقت نہ آھي پر خليفي جي گھٽي عرض سبب پاڻ بيمار جي مٽان پير مبارڪ جو آڱوٺو رکي ھليا ويا، بيمار بروقت اٿي بيٺو، پر گھٽي ڦوڪاري (پيٽ جي آڦري) جي شڪايت ڪرڻ لڳو پوءِ جڏھن ٻيڇھري پاڻ ڪريمن سان گڏ پڙھيائين تہ پوري طرح چڱو ڀلو ٿي ويو.

نقل 60: علي خان ٽالپر نقل ڪري ٿو تہ مان پنھنجي ڀاءُ بلوچ خان سميت حضرت پير سائين جن سان سفر ۾ گڏ ھوس، شھر راڄي ٽالپر ۾ ديھ وڍجي وڃان، ھڪ واھ کان جڏھن پاڻ ڪريمن پنھنجو گھوڙو لنگھايو تہ منھنجي ڀاءُ بہ پنڌيان گھوڙو لنگھايو، لنگھڻ سان ان جو گھوڙو ترکي زمين تي ڪري پيو ۽ بلوچ خان بہ گھوڙي ھيٺان اڇي ويو، سندس حالت نازڪ نظر ٿي آئي ۽ حياتي جو آسرو ڪونہ رھيو ھو. پر پاڻ سڳورن جي نظر عنايت سندس ڪم آئي جو ٿوري ڪوشش سان صحيح سلامت گھوڙي ھيٺان نڪري آيو. منھنجي ڇڇ تي ٻڌايائين تہ خدا جو قسم مون کي تہ ڪابہ تڪليف ڪانہ پھتي آھي. اي عزيز! ھي سمورو پير سائين جن جو تصرف ھو.

نقل 61: فضل فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ ھڪ دفعي حضرت پير سائين جن بھادر فقير کوکر جي دعوت تان اڳتي سفر لاءِ اسريا ۽ مان بہ سندن خدمت ۾ ساڻ ھوس، رستي ۾ مون کي دستن جي سخت تڪليف ٿي پئي تہ فقيرن مون کي بھادر فقير جي اوطاق تي رھي پوڻ جي صلاح ڏني ڇو تہ اتي خدمت سڻي ٿيندي. مون بہ خيال ڪيو تہ سفر ٿي ڪونہ سگھندو تنھن ڪري ٽڪي ٿو پوان پر جڏھن پاڻ ڪريمن کي اھا حقيقت معلوم ٿي تہ فرمايائون: اٿي! اسان جي سواري اڳيان ڊکندو ھل ان شاءَ الله چاڪ ٿي ويندين فقير دير نہ ڪئي ۽ گھوڙي آڏو ڊکڻ لڳس، جڏھ مون کي دستن جي تڪليف ئي کانہ ٿي ھئي.

نقل 62: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير صاحب تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ فرمائيندا ھئا تہ ھيڪر صاحبزادن جي شادي تي رڌ پچاءَ جو ڪم مون تي رکيو ويو ھو، مون کي سيڏو سامان ٿورو نظر آيو. ادب سبب سڏي طرح تہ عرض نہ ڪري سگھيس، پر فيروز فقير نظاماڻي معرفت صورت حال عرض رکيم. پاڻ فرمايائون سيڏو ڪافي آھي، مون کي وري بہ دل ۾ خيال رھيو تہ جيڪر پاڻ ڪريم جي نظر کان ھڪ دفعو سيڏو نڪري ھا چنانچہ منھنجي دل جي (جھڙوڪ) پٽي پڙھي پاڻ ظھر نماز ڪانپوءِ اچي سيڏو ڏٺائون، فرمايائون سيڏو تہ ڪافي آھي، پر احتياط خاطر اسان دڪاندار کي چئي ڇڏيو آھي.

پوءِ سندن تصرف سان سيڏو نہ فقط پورو ٿيو، پر بچي پيو حالانڪ انھيءَ وقت جي دستور مطابق اٽن ڏينھن تائين ٻوڙ ۽ پلاءَ پچندو ٿي رھيو.

نظرت کیمیا است گرنگری

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

درم قلب ما چو زر گردد

(تنهنجي نظر ڪيميا آهي جي مهرباني ڪرين تہ اسان جو ڪوٽو سڪو بہ سون ٿي پوي)

نقل 63: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي آئون درگاھ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هوس پاڻ ڪريم جن جماعت کي مثنوي شريف جو درس ٿي ڏنائون، درس دوران حاجي ناروَ فقير آيو، عرض ڪرڻ لڳو حضرتا! ڪوھ جو پاڻي گھٽ ٿي ويو آهي، ڪجھ فقير عنايت ڪيو تہ هلي ڪوھ ڪوٽين پاڻ جوش ۾ اچي فرمايائون تہ توهانکي الله تعاليٰ تي ڪوبہ پروسو نہ آهي عجب آهي جو چند فقير تہ ڪوھ کوٽي پاڻي گھٽو ڪري سگھن ٿا ۽ الله تعاليٰ جل شانہ نٿو ڪري سگھي؟ توهان فقط صحبت ۾ اچي خلل وجهندا آهيو بس عجب تصرف مرشد ڪامل جو ان وقت ئي سندن تصرف سان ڪوھ۾ پاڻي گھٽو ٿي ويو ۽ اڄ تائين ڪاٽي جي ضرورت ڪانہ پئي آهي.

نقل 64: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ وينو هوس ۽ فقيرن ڪافيون ٿي پڙهيون پاڻ مون ڏانهن متوجھ ٿي فرمايائون تہ قلات ۾ هڪ لنگھو اسان جو مريد ٿيو، جو فارسي شعرن ڳائڻ ۾ بي مثال هو. هڪ ڏينهن ٻيڻهري تي اهو ذڪر فرمايائون، پي ڏينهن اهو لنگھو اچي حاضر ٿيو ۽ فرمايائون تہ هي آهي اهو يار، جنهن جي ڪالھ ڳالھ ٿي ڪئي سون.

نقل 65: خليفو غازي خان نقل ڪري ٿو تہ ڪوهستان جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن هڪ جاءِ تي پهتا اڄ سبب فقيرن عرض ڪيو تہ حضرتا! هتان جي ماٹھن کان پاڻي وٺڻ گھرجي پاڻ فرمايائون هتي جا ماٹھو سخت ۽ پڪا آهن پر پاڻي گھري ٿا ڏسون، پاڻ جماعت سان جڏهن هڪ گھر وٽ پاڻي لاءِ پهتا تہ اتي فقط عورت ئي نظر آئي. عورت تي جيئن ئي نظر پئي تڏهن بي اختيار مٿس عشق الاهي جو غلبو ٿيو ۽ پاڻ ڪريمن جي قدمن تي اچي ڪري، ايتري ۾ گھر جو مالڪ بہ اچي ويو، اهو بہ ساڳي طرح محبت جي تير جو شڪار ٿي ويو، ان وقت رڍون ذبح ڪري جماعت کي ڪارايائون ۽ پي ملڪيت بہ قربان ڪيائون ۽ سفر ۾ جماعت سان گڏ شوق وچان ڏکندا ٿي هليا.

نقل 66: خليفو ميان لقمان بيان ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ هئا تہ سندن وڏي پاڻ ميان عبدالرسول شاھ جو ڪين خط مليو، جنهن ۾ لکيل هو تہ سرڪار لکيو آهي، جيئن تہ پير سائين جن جي زمينن تي اڳي ڍل وغيره معاف هو، سو هاڻي بہ معاف آهي پر جيڪي ماٹھو پوءِ لڏي آيا آهن، انهن کان سمورا فنڍ ورتا ويندا (ڍل وغيره) تنهن تي پاڻ ڪريمن فرمايو تہ ماٹھو الله جي ذڪر کان غافل ٿيا تہ مٿن حاڪم بہ ظالم مقرر ٿيا آهن، پوءِ پاڻ جواب ۾ لکي موڪليائون تہ ماٹھو نماز ۽ الله جي ذڪر ۾ مشغول رهن جيئن تہ ان بعد سندن هدايت تي عمل جي برڪت سان سموريون تڪليفون معاف ٿي ويون.

نقل 67: سلطان فقير ٽالپر، مسو فقير ڪوکر کان نقل ڪري ٿو تہ روهڙي شريف جي سيد سڳورن تي

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سرڪار جي چار سو روپيہ ڏيل نڪتي، ۽ ساڻاتن تي سرڪاري نوڪرن سختي ڪئي ٿي، ادائيگي جي بہ ڪا صورت نظر نٿي آئي، سيد سڳورا حضرت مرشد مربي رضي الله عنه وٽ آيا ۽ سفارش لاءِ هلڻ جو عرض ڪيائون، پاڻ فرمايائون تہ مير سهراب کان پئسا ڇڏائڻ ۽ ٿورو ڪٽڻ ڪافي مشڪل آهي تنهن ڪري ڪجهہ صبر ڪريو، هن مطابق تہ اَلصَّبْرُ مِفْتَاحُ الْفَرَجِ (صبر سڪ جي ڪنجي آهي) اميد تہ ڪم آسان ٿي ويندو حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي ارشاد موجب جيڪڏهن اسان ڏي رب سائين ڪا شيءِ موڪلي تہ توهانکي ڏيندا سين سادات سڳورا بدستور پريشان رهيا ۽ خيال ڪيائون تہ پير سائين جن درويش ۽ فقير آهن، هاڻ وٽن چار سو ڪٿان ايندا؟ آخر تنگ ٿي اجازت ونڻ لاءِ آيا تہ پاڻ ڪين نہ وڃڻ جي منٿ ڪيائون، سيدن سڳورن وڃڻ تي زور ڏنو ايتري ۾ پاڻ ڪريمن جي تصرف ۽ برڪت سان هڪ ماڻهو چار سو روپيہ خدمت ۾ ڪٽي آيو پاڻ اهي سمورا سادات سڳورن کي ڏيئي خوش ڪري ڪين اجازت ڏنائون.

نقل 68: غلام محمد نظاماڻي نقل ڪري ٻڌايو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن سان سفر ۾ گڏ هوس، اوچتو پاسي ۾ سخت سور اپريو پاڻ ڪريمن جي خدمت اقدس ۾ شڪايت عرض ڪيم پاڻ فرمايائون بابونہ (هڪ جڙي ٻوٽي) کاءُ مون وري بہ دعا لاءِ عرض ڪيو، تڏهن ڪيٽو رکيائون ۽ بروقت فائدو نہ ٿيو (شايد امر نہ ميڙ سبب) پوءِ صبح جو شفقت وچان فرمايائون غلام محمد درد دفع ٿي ويو يا نہ؟ بس پوءِ ان وقت ئي سندن نظر عنايت سان سور ختم ٿي ويو!

نقل 69: سلطان فقير ٽالپر "وکڙي" (روپاھ جي پرسان هڪ ديهہ) جو رهندڙ ٻڌايو تہ مون کي حقي جي ڇڪڻ جي عادت پيل هئي فقيرن جي منع ڪرڻ تي بہ عادت نٿي وئي، هڪ دفعي هن بدعت کان نجات لاءِ حضرت پير سائين جن کي عرض ڪيم پاڻ فرمايائون تہ هڪ دفعي تهجد نماز لاءِ اٿي وضو ڪيم تہ گوڏن ۾ اوچتو سور ٿي پيو نفس خيال ڏياريو تہ تهجد ويهي پڙهڻ گهرجي تڏهن نفس کي چيم ڪمينا! پنهنجي خواهش لاءِ تہ بهادر، باقي چگي ڪم ۾ اهڙو بزدل؟ آخر ڪار نفس جي مخالفت ڪندي نماز ويهي پڙهيم، تڪبير هٽڻ سان گوڏن جو سور ختم ٿي ويو انهيءَ نصيحت جي برڪت سان مون بہ نفس جي مخالفت ڪئي تہ حقي جي بدعت کان ڇٽي پيس.

نقل 70: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت ميان سائين باغيچي ۾ رونق افروز هئا، اهو باغيچو اسان سندن آرام لاءِ ٺاهيو هو گلن جي ڪناري سان مڪئي بہ ٿوري پوکي وئي هئي اسان سندن خدمت اقدس ۾ حاضر هئاسين. مڪئي ڏسي فرمايائون تہ بابا ڇا هي مڪئي ڦاڙهي آهي؟ اسان عرض ڪيو تہ حضرتا بج تہ اڇو هو. جڏهن مڪئي سنگ ڪڍيا، تڏهن حضرت ميان سائين جن جي فرمان مطابق واقعي مڪئي ڦاڙهي هئي.

نقل 71: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٻڌايو تہ هڪ ڀيري حضرت پير سائين جن ڪنهن فقير جي

ڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

دعوت تي شهدادپور ۾ رونق افروز ٿيا. ظهر نماز کان پوءِ مسجد شريف ۾ وينيِ مولود شريف ٿي پڏائون محفل ختم ٿيڻ تي اوچتو کي فقير کليا اصل ۾ ڳالهه اها هئي ته هڪ فقير، کي ماٹهو بلوچ ايندي ڏٺا. تن کي حضرت مرشد مربي جن وٽ هلڻ ۽ ذکر جي تلقين ونڻ لاءِ ٿي چيائين پر اهي بلوچ جهڙوڪ ڪاوڙجي پيا هئا. ايتري ۾ حضرت مرشد ڪريم جن جي مٿن نظر فيض اثر پئجي وئي پوءِ ته بلوچ بي اختيار اچي قدمن تي ڪري پيا ۽ ٻيو ته بلوچن جون مڇون ايڏيون هيون، جو سندن وات ۾ نظر نه ٿي آيو، ۽ واردگهه، جيڪي ويڙهي ٽوپي هيٺان هٽي ڇڏيا هئائون. بي دينيِ ۽ گمراهي سبب وحشت ۽ شدت سندن طبيعت ۾ سمايل هئي مگر ذکر جي تلقين ونڻ کان پوءِ هڪ فقير سندن مڇون ۽ مٿي جا وار ڪٽي شرعي حد تي بيهاريا ته سندن بلوچي شدت گهٽ ٿي وئي، تنهن ڪري ڪاوڙيا ته ڪونه، پر سندن ڪچڻ جي زبان بند ٿي وئي ٽيپهري ٿي ته نماز لاءِ کين چيو ويو، چيائين ته اسان سڄي حياتي پلجي ۾ نماز ڪانه پڙهي آهي ۽ نه نماز جي ڪا خبر آهي، تڏهن فقيرن ڪوئنرا ڪٽي کين وضو جي ترتيب سيکاري ۽ وضو ڪرايو، پڻ نماز جي باقاعده سکيا ڏني پوءِ نماز پڙهيائون نماز کانپوءِ ويتر سندن دل جي دنيا بدلجي وئي، هاٹي جڻ ته اهي نقشبندي مشائخ معلوم پي ٿيا!

نقل 72: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ پيري حضرت پير سائين جن فقير جي دعوت تي جمع جي ڏينهن ديهه ڪوکر ۾ تشريف فرما ٿيا، اتي هڪ وڏو حوض پاٹي سان پريل هيو، پاڻ سنت طريقي مطابق انهيءَ ۾ غسل فرمايائون. پوءِ پاڻ ڪريمن جي برڪت سان حوض جو پاٹي ڪڏهن ۾ بدبودار نه ٿيو، جڏهن ته عام طور ڪجهه وقت کانپوءِ ٿورو پاٹي ۾ بدبور ٿي ويندو آهي، پڻ شهر جي کوهن جو پاٹي کارو هوندو هو، جڏهن حوض جي پرسان کوهه ڪوٽيو ويو ته منو پاٹي نڪتو، انهيءَ ڏينهن پاڻ ڪريم وضو فرمائي رهيا هئا ته ماٹهو وضوءَ جو پاٹي پيئڻ لاءِ گڏ ٿيا مون کين چيو هتي ڇو گوڙ ڪيو اٿو؟ حضرت مرشد ڪريم جن ته فلاٹي حوض مان غسل فرمايو آهي، وجو اتان "حوض ڪوثر" جهڙو پاٹي پيئو.

نقل 73: صديق فقير حجام تلهار جو رهندڙ حاجي عمر کان نقل ڪري ٿو ته منهنجو پاءُ حاجي قاسم پهريان حضرت پير سائين جن جو مريد هو، بعد ۾ مخدوم ابراهيم جو وعظ ٻڌي مخدوم صاحب جو مريد ٿيو. اوچتو بيمار ٿيو ته پيٽ سڄي ويس، آخر انهيءَ بيماري ۾ گذاري ويو. حاجي عمر جو بيان آهي ته هڪ رات مون خواب ۾ ڏٺو، حضرت مرشد ڪريم جن حاجي قاسم جي قبر تي آيا ۽ قبر مان کيس ڪڍي تلوار سان ۾ اڏ ڪري، هڪ اڏ (مٿيون) ڪٽي فرمايائون ته اسان تنهنجو اڏ ڪنيو باقي اڏ بزرگ لاءِ ڇڏيون ٿا،

نقل 74: فقير احمد خان نظاماٹي نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي ڪڇ جي سفر ۾ حضرت پير سائين

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جن سان گڏ هوس سفر ۾ مون کي بادي جو سخت سور ٿي پيو. تنهن تي مون کي فرمايائون تہ سورنجاڻ (هڪ جڙي ٻوٽي) جو جلاب استعمال ڪر تہ درد دفع ٿي ويندو ۽ پي کابہ دوا استعمال نہ ڪجانءِ. جڏهن پنهنجي ڳوٺ پهتس تہ مائٽن کي ٻيون دائون استعمال ڪرايون. سنگي سان رت بہ ڪڍايائون ۽ کنهن پي بزرگ کان قيٽو بہ رکايائون. پر فائدي جي بجاءِ ويتر سمورن سنڌن ۾ سور وڌي ويو. عضوا جهڙو سڪندا ٿي ويا. جنهن ڪري پيشاب ۽ ڪاکوس بہ ڪٽ تي ڪندو هوس! هڪ رات سمهڻ وقت مرشد ڪريم جن کي مدد لاءِ التجائون ڪيم. سڏ ڪندي ننڊ اچي وئي. ڏسان تہ پاڻ ڪريم منهنجي ڪٽ وٽ بينا آهن. ٿي دفعا فرمايائون اُٺ! سندن حڪم تي اٿي بينس. ڏسان تہ بلڪل چگو ٻلو آهيان يقين نہ ٿي آيو. پهريان ڏڃندي ٻانهن چوري ڏنم. پوءِ ٻي ٻانهن چوريم پوءِ پڪ ٿي وئي تہ پير سائين جن جي غائبانہ مدد ۽ نظر سان بلڪل خوش آهيان. ان بعد اٿي قضاءِ حاجت وغيره کان فارغ ٿيس.

نقل 75: اميد علي ٽالپر نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڀيري درگاهہ مبارڪ جي ويجهو. مير سهراب جي شڪار گاهہ مان پير سائين تجر ڏٺي ﷺ جن ٻہ ڦاڙها شڪار ڪري آيا. ٻي ڏينهن مير سهراب کي شڪار گاهہ جي نگران شڪايت ڪئي تہ حضرت پير سائين جن جو وڏو صاحبزادو شڪار ڪري ٻہ ڦاڙها ماري ويو آهي مير صاحب ڪاوڙجي پير سائين جن ڏي پيغام موڪليو تہ قبلا پاڙي جو شرم ٿو ٿئي ورنہ شڪار جي سزا ڏيان ها! مير صاحب جي پيغام پهچڻ وقت مان بہ حاضر هوس. پاڻ پيغام ٻڌي انتهائي بي نيازي سان فرمايائون مير کي چئو تہ اسان تنهنجي پاڙي ۾ نہ. پر تون اسان جي پاڙي ۾ وينو آهين. توکي موڪل آهي. جيڪي ڪري سگهين سو پلي ڪر. مير صاحب اهو پيغام ٻڌي ڏنو. شرمسار بہ ٿيو ۽ عرض ڪري موڪليائين تہ معاف ڪجو واقعي ٻانهو اوهانجي پاڙي ۾ وينو آهي.

نقل 76: ملان بچو فقير منگريو نقل ڪري ٿو تہ مولوي اسماعيل (منهنجو پٽ) کي پڙهڻ لاءِ استاد وٽ ڇڏيم. پر پڙهڻ تي سندس دل ڪانہ وري ۽ پڙهڻ کان انڪار ڪيائين. مان کيس وٺي حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ آيس ۽ عرض ڪيم تہ حضرتا هن غلام زاده لاءِ دعا فرمايو تہ مقصد حاصل ڪري سگهي؟ پاڻ سندس متي تي هٿ مبارڪ ڦيرائي فرمايائون تہ: الله تعاليٰ جي مهرباني سان بزرگ ٿيندو. پوءِ پاڻ ڪريمن جي تصرف سان پٽڙو فضيلت ۽ ڪمال جو مالڪ ٿيو.

نقل 77: ساڳيو ملا بچو نقل ڪري ٿو تہ منهنجو فرزند محمد طاهر ننڍي هوندي تمام ڏٻرو ۽ ضعيف هو. هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن باغيچي ۾ رونق افروز هئا. فقير جو نينگر بہ خدمت ۾ حاضر هو. پاڻ منهن مبارڪ مون ڏانهن ڪري فرمايائون تہ ملان بچا! نينگر کي سنو ۽ قوت بخشيندڙ طعام ڪاراءِ تہ جوانمرد ۽ طاقت وارو ٿئي سندن فرمان موجب نينگر طاقت ۽ قوت وارو ٿيو.

نقل 78: غلام نبي فقير بروهي نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن صاحبزاده ميان عبدالقادر شاهہ ننڍڙائپ ۾

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حضرت پير سائين جن کان ليمون گهريو، پاڻ فرمايائون هن وقت ليمون ڪٿان ايندو وڃي باغ ۾ ڳول. ايتري ۾ هڪ شخص نذراني ۾ ليمان اڇي پيش ڪيا، پوءِ پاڻ صاحبزادي کي ليمون ڏنائون!

نقل 79: ملان بچو منگريو عثمان دائي کان نقل ڪري ٻڌايو تہ مون کي دم ڪشيءَ جي بيماري هئي، حضرت پير سائين جن کي علاج لاءِ عرض ڪيم پاڻ خوش طبعي ۾ فرمايائون تہ ليمون کاءُ، مون سندن فرمان موجب ليمون کائڻ شروع ڪيو، خدا پاڪ جي مهرباني سان بروقت خوش ٿي ويس پاڻ ڪريمن جي وصال کانپوءِ وري اها بيماري لاحق ٿي، ڏاڍو پريشان هوس، هڪ ڏينهن روضي انور کي ٻهاري ڏيندي غيب مان ليمون نظر آيو، سمجهيم تہ منهنجي بيماري جو علاج آهي، ليمون کڻي کاڌم تہ ڪامل شفا ملي وئي.

نقل 80: حرمن مان هڪ بيبي صاحبہ بيان فرمايو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ٽنڈي ڄام ٽالپر ۾ مير بودي جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا. جڏهن ٽالپرن جي حاويلي ۾ زيارت ڪرايائون تہ مير صاحب جي پٽ مير ولي محمد سميت، سمورين حاضرين تي بي اختيار روئڻ جي حالت طاري ٿي وئي هوش ۾ اچڻ کانپوءِ مير ولي محمد منهنجي معرفت پاڻ ڪريمن کان بي اختيار روئڻ جو سبب پڇايو؟ ٻانهيءَ جي عرض تي فرمايائون تہ ڪامل جو وجود نور آهي، جڏهن نور جي پرٽ حاضرين مجلس تي پوي ٿي، تڏهن انهن ۾ بي اختيار روئڻ جي ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي.

فصل ٽيون

اولياءِ ڪرام جون ڪرامتون

نقل 1: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت بيبي رابعہ بصري قافلي سان گڏجي هڪ گڏهہ تي سوار ٿي، حجاز شريف رواني ٿي. اتفاق سان واٽ ۾ سندس گڏهہ مري پيو ۽ بيبي صاحبہ اتي ويهي رهي. قافلي وارن ڪيس هلڻ لاءِ چيو. مگر بيبي بصري چيو تہ، جنهن منهنجو گڏهہ ماريو آهي، اهو جيئرو ڪري ڏئي تہ پوءِ توهان سان گڏ هلنديس، نہ تہ هتي ئي ويٺي آهيان! قافلو رواني ٿي ويو ۽ بيبي صاحبہ اتي ئي رهي پئي پوءِ ان وقت الله تعاليٰ پنهنجي ڪامل قدرت سان مئل گڏهہ کي جيئرو ڪيو. پوءِ بيبي صاحبہ گڏهہ تي سوار ٿي اچي قافلي کي پهتي ۽ مڪي شريف پهچي گڏهہ وڪٽي چڏيائين!

نقل 2: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ خليفي ميان الهرڪيي ﷺ چيو تہ هڪ دفعي سفر ۾ سج لهڻ وقت، ڪير جو هڪ پريل پيالو نڏراني ۾ مليو. ان وقت مون کي حديث شريف ياد اچي وئي تہ هڪ ڏينهن ڪنهن صحابي سڳوري، حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ ڪير جو پيالو پيش ڪيو تہ پاڻ ڪريمن پهريائين ان مان پيتائون بعد ۾ صحابين سڳورن کي ڏؤ تي پياريائون، تڏهن بہ ڪير جو پيالو ساڳي طرح پريل رهيو. خليفي صاحب چيو تہ منهنجي دل ۾ بہ خيال آيو تہ حضوراڪرم ﷺ جن جي متابعت خاطر هي ڪير بہ سڄي جماعت کي پيارڻ گهرجي، سو پهريائين مون پيتو. ان کان بعد جماعت کي پيئڻ لاءِ چيم. الله تعاليٰ جي مهرباني سان سڀني فقيرن ڪير پيتو. تڏهن بہ اهو پيالو ساڳي طرح پريل رهيو.

نقل 3: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ حاضر هيس پاڻ ارشاد فرمايائون تہ خليفو محمد حسين مهيسر ﷺ هن دنيا مان رحلت ڪرڻ ڪانپوءِ بہ هر رات پنهنجي گهر واري وٽ جسماني حالت ۾ اچي ڪچهري ڪندو هو هڪ دفعي پنهنجي زال کي چيائين تہ جيڪڏهن تو هن راز کي ظاهر نہ ڪيو تہ تو وٽ هميشہ ايندو رهندس. بعد ۾ سندس زال، خليفي جي ماءُ (پنهنجي سس) کي جو حقيقت ٻڌائي تہ ان جو اڇڻ بند ٿي ويو: اَلَا اِنَّ اَوْلِيَاءَ اللّٰهِ لَا يَمُوْتُوْنَ وَلٰكِنْ يَنْتَقِلُوْنَ مِنْ دَارٍ اِلٰى دَارٍ (يعني خبردار الله تعاليٰ جا دوست نٿا مرن، بلڪ هڪ گهر کان ٻي گهر ڏانهن نقل مڪاني ڪري ويندا آهن).

نقل 4: هڪ دفعي قلات جي سفر مان موٽ تي حضرت پير سائين جن درياه تان ٻيڙي ذريعي لنگهيا ٿي، ملاحن جڏهن ٻيڙي هلائي، تڏهن ٻيڙي وچي اوچتو گپ ۾ پيئي، پوءِ سڄي

ڪنديہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جماعت ۾ سادات ڪرام هيٺ لهي پيا ۽ پير سائين جن ٻيڙي جي مهري تي وينا رهيا. مان (جامع ملفوظات) تپ ۾ دستن جي تڪليف جي ڪري سندن اڳيان وينو رهيس ڪن فقيرن ٻيڙي جي رسن مان ونڻي ڇڪيو تہ ڪن فقيرن ٻيڙي کي پاسن کان زور ڏئي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي پر ٻيڙي ان گپ مان نڪري ئي نہ پئي. آخر ڪار جڏهن سيئي عاجز ٿي بيهي رهيا، تڏهن پير سائين جن وينو ٻيڙيءَ جي ڪلي ۾ هٿ وجهي پاڻ ڏانهن ڇڪيائون تہ ٻيڙي گپ مان نڪري ٻاهر آئي ۽ پاڻي ۾ هلڻ لڳي. انهيءَ حالت جي ٻي ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي. فقط مون کي خبر هئي جو سندن خدمت ۾ حاضر وينو هيس.

نقل 5: حيدر فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي "الرابند" (پريان لوءِ شريف کان الهندي هڪ ديهہ) کي درياء اچي پائڻ لڳو. اتان جي زميندارن مون کان صلاح پڇي. آئون انهن ڏينهن ۾ مير غلام حيدر جو ڪمدار هيس. مون کين چيو تہ اها حقيقت حضرت پير سائين جن کي وڃي پيش ڪيو ان کانسواءِ بي ڪابہ واهہ نہ آهي. پوءِ اهي سائين ڪريمن جي حضور ۾ آيا ۽ عرض ڪيائون تہ حضرتا! خدا واسطي اسان سان گڏجي دريا جي ڪناري تائين هلو پاڻ سندن عرض قبول فرمائي. درياء جي ڪناري تي آيا. جتان زمين کي پائي رهيو هو پاڻ درياء جي چيريل زمين جي ٽڪري تي بہ رڪعتون نفل پڙهي. دعا گهريائون. پوءِ ان ڏينهن ئي درياءُ اها زمين ڇڏي ست ڪوهہ پري ٻي طرف وڃي وهڻ لڳو جيڪو اڄ تائين وري ان جاءِ تي واپس نہ آيو ۽ پاتل زمين اڃان تائين ساڳي حال ۾ پئي آهي!

نقل 6: هڪ دفعي (پراڻي) درگاهہ مبارڪ کي درياءُ اچي پنج سو ۵۰۰ وڻ کان بہ ويجهو پهتو حضرت پير سائين جن درياءَ جي ڪناري تي اچي بہ رڪعتون نفل پڙهيائون تہ ان ئي ڏينهن درياء مُنهن ڦيرائي پنج ڇهہ ڪوهہ پري، ٻي طرف وڃي وهڻ لڳو!

نقل 7: احمد خان پٽ مسو فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ، هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ڪڇ جي سفر ۾ گهوڙي تي سوار هئا، اوچتو هڪ جاءِ تان تتر اڏاٽو. پاڻ ان جي پويان گهوڙو ڊوڙايائون. آئون بہ پنهنجو گهوڙو ڊوڙائيندو پويان لڳو ويس. اوچتو ڏسان تہ پير سائين جن ٻئي پير رڪيبن مان ڪڍي، گهوڙي جي مٿان اڏامي تتر کي وڃي ورتائون!

نقل 8: خليفو حاجي آدم خان بروهي زهري (واقع قلات) جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن گندا واهہ ۾ تشريف فرما ٿيا، مان ۽ خليفو قاضي غلام محمد بروهي بخارا جو رهندڙ بہ خدمت ۾ حاضر هئاسون. اتي هڪ هندو عورت، ماٺهو موڪلي پاڻ ڪريمن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ اسان وٽ بہ سائين جن تشريف آڻين؟ پاڻ ابلق گهوڙي تي سوار ٿي اوڏانهن روانا ٿيا، ۽ اسان بہ ساڻن گڏ هئاسون. رستي ۾ گهوڙي اهڙي شوخي ڪئي جو نرا ڪٽي فقط ٻن پيرن تي بيهي رهيو اسان ڊڄي وياسون تہ متان پير سائين جن کي ڪا تڪليف نہ اچي وڃي، انهيءَ فڪر ۾ هئاسون،

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اوچتو ڏٺو سون تہ پاڻ هيٺ زمين تي ويٺا آهن!

نقل 9: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن، بودي فقير ٽالپر سان گالهہ ڪئي تہ تڪيو نالي اسان جو هڪ مريد سنياري جو رهندڙ هو، اتان جي سيدن سڳورن جي ساٽس دشمني هئي ۽ مٿس اجايا اعتراض ڪندا رهندا هئا، جڏهن اهو فقير وفات ڪري ويو، تڏهن انهن سيدن مان هڪ سيد صاحب ان جي جنازي سان گڏ قبرستان ۾ ويو جڏهن ڪاڌين ان کي قبر ۾ لاهي، لحد (سامي) سرن سان بند ڪري، پيرن طرف ڇڏيل دري مان ڪفن جي مٿان رکيل ڪپڑو ڪڍيائون، ڏسن تہ اهو فقير لحد ۾ سيراندي طرف اٽيو وينو آهي ۽ انهن ڏانهن نهاري رهيو آهي! اهو واقعو ان سيد صاحب بہ ڏٺو، جنهن اچي پنهنجي عزيزن کي ٻڌايو، اها خبر ٻڌي اهي سيئي سيد سڳورا دشمني ڇڏي اچي اسان جا مريد ٿيا.

نقل 10: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جيسلمير جي قلعي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، اتي (سنڌ جي اڳوڻي حاڪم) عبدالنبي ڪلهوڙي جا بہ ماڻهو، هڪ سندس خادم ٻيو سندس وڪيل جوڙيجو پاڻ ڪريمن جي خدمت ۾ آيا ۽ عبدالنبي ڪلهوڙي جي عاجزي ۽ پريشاني جو احوال پيش ڪري دعا جو سوال ڪيائون تہ ڪيس ساڳئي طرح وري سنڌ جي بادشاهي ملي پير سائين جن ان جي پريشان حال تي رحم فرمائي فرمايو تہ جيڪڏهن ڪلهوڙو شرعي ممنوعات، مثال طور ڪافرن کي مسلمانن مٿان حاڪم بنائڻ، مسلمانن کان ناجائز ٽيڪس وغيره وٺڻ کان توبہ ڪري ۽ سنڌ جي سيدن سڳورن لاءِ روزينو مقرر ڪري ۽ اسان کي اهو واعدو لکي مهر ڪري ڏي ۽ سچي دل سان هائو ڪري تہ (ان شاءَ الله تعاليٰ) سنڌ جي حڪومت وري عبدالنبي ڪلهوڙي کي ملي ويندي! وڪيل عرض ڪيو تہ حضرتا! اهو ڪيئن ٿيندو؟ پاڻ فرمايائون تہ ائين ٿيندو، جيئن ڪلهوڙن کان ميرن کي حڪومت ملي! پاڻ مٿيان شرط ڪاغذ تي لکي انهن کي ڏنائون، اهي ٻئي ڄڻا تہ سچي دل سان ذڪر ونڊي مريد ٿي ويا ۽ اهوشرطن وارو ڪاغذ ڪٽي عبدالنبي ڪلهوڙي وٽ ويا، پر ان مهر ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ پير سائين جن جي توجہ ۽ دعا کان محروم رهيو ۽ هو پڇاڙي تائين عاجز ۽ پريشان رهي مري ويو، اهڙي طرح سندس پويان بہ اتي ئي رهجي ويا ۽ پنهنجي وطن سنڌ ۾ واپس نہ آيا! انهن نوئي مريدن جڏهن ڪلهوڙي جي بدبختي ڏٺي، تڏهن اهي اتان لڏي اچي مٿياري شهر ۾ وينا هئا!

نقل 11: محمد ذاڪر، ٽنڊي قيصر جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ مون هڪ پهرياڻ سبي حضرت پير سائين جن کي پيش ڪيو، مگر کين ڪجهہ سوڙهو ٿي پيو، پاڻ ان جي ڪشادي ڪرڻ جو حڪم فرمايائون، مون کي خبر هئي تہ هڪ آڳر جيترو بہ ڪپڑو پهرياڻ ۾ وڌيل ڪونہ آهي، جو ان کي کولي ڪجهہ ڪشادو ڪجي؟ بهرحال حڪم موجب پهرياڻ کي ادييڙيم تہ حيران رهجي ويس جو ضرورت جيترو ڪپڑو نڪري آيو.

نقل 12: جعفر فقير ملاح، جنهن حج نہ ڪيو هو، پاڻ ڪريم ان کي حاجي جعفر ڪري سڏيندا هئا، پوءِ

آخر حضرت پير سائين جن جي ڪلام مبارڪ جي برڪت سان، سندن وصال شريف ڪان پوءِ ان کي حج ڪرڻ نصيب ٿيو.

نقل 13: هڪ پيري غلام محمد انڙ تي سرڪاري ٽيڪس جو قرض ٿي پيو هو، جنهن کي معاف ڪرائڻ جي ارادي سان هو حضرت پير سائين جن کي حيدرآباد جي حاڪم مير غلام علي ٽالپر وٽ ميڙ طور وڃي ويو. مير صاحب پير سائين جن جو ٻڌي، شڪار جي بهاني سان ٻاهر هليو ويو ۽ پاڻ ان دوران لاڙ جي فقيرن جون دعوتون ورتائون! پاڻ جڏهن ٽنڊي بهادر نظاماڻي پهتا، تڏهن بهادر فقير عرض ڪيو ته حضرتا! مير غلام علي واپس ته آيو آهي، پر توهان جو ٻڌي وري شڪار تي وڃي ٿو! تنهن تي پاڻ فرمايائون ته: جنگهان يارن جي هٿ ۾ گمٻٽ ويندي ڪيئن؟ پاڻ ان وقت سوار ٿي حيدرآباد ۾ سيد قاضي مقبول شاهه جي مسجد ۾ اچي لٿا، اها رمضان شريف جي پهرين تاريخ هئي، اتي جلال خان مري قدمبوسي لاءِ آيو، انهي پڻيان فضل محمد ٽالپر به پڳل چٽا پيري ڪن آڻي، نذرانو پيش ڪيو! حضرت پير سائين جن انهن جي اڇڻ مان نيڪ فال ونندي فرمايو ته: پهريائين جلال ظاهر ٿيو، ان جي پڻيان فضل آهي! قدرت خدا جي جو، ان ئي ڏينهن مير غلام علي کي هڪ ڦرڻي نڪري پئي، جنهن ڪري هو شڪار تي وڃي نه سگهيو! غلام محمد انڙ عرض ڪيو ته حضرتا! حڪومت جو خزانچي، قرض وصول ڪرڻ جي لاءِ منهنجي اهل عيال کي گرفتار ڪرڻ وڃي ٿو. پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ وٽ تپ ۽ ٻيون به گهٽيون ئي بيماريون آهن. اهو خزانچي جڏهن سيوهڻ ۾ پهتو، تڏهن اچي تپ ورتس ۽ ڪيترا ڏينهن اتي پيو رهيو، مير غلام علي به ڦرڻيءَ سبب پنج ڇهه ڏينهن ڏاڍو پريشان ٿيو، تڪليف جي سبب پير سائين جن ڏانهن دعا ڪرائڻ لاءِ خادم موڪلياٸين ۽ چورائي موڪلياٸين ته اچي دعا ڪرڻ فرمايو ته قرض معاف ڪيو ويندو! مير صاحب جا خادم رات جو هڪ ٻئي جي پويان ايندا رهيا ۽ پاڻ انهن کي فرمايائون ته سومهٽي ڪان بعد قرآن شريف جي منزل پڙهي پوءِ ايندا سون پاڻ سومهٽي پڙهي، منزل پوري ڪري، بعد ۾ مير صاحب وٽ تشريف آندائون، مير ڏاڍي عاجزي ڏيڪاري ۽ غلام محمد انڙ ڪانسواءِ ديوان پارومل جو به قرض پنج سو رپيا هو، خود بخود لکت ۾ معاف ڪري ڇڏيائين! هي مڙيوئي پاڻ ڪريمن جي برڪت هئي. ان ڪان بعد پير سائين جن شفقت فرمائي مير جي ڦرڻي تي جيئن جو آڳر مبارڪ رکي ته ڦرڻي ڦاٽي پئي! جنهن مان رت ۽ پونءِ وهڻ لڳي ۽ سور دفع ٿي ويو. مير غلام علي ٽالپر چيو ته ڦرڻي جو ڦاٽڻ فقط قرض جي معاف ڪرڻ ڪري آهي، چو ته اڳ ۾ آڳر رکڻ سان ڪجهه به نه ٿي پيو، قرض معاف ٿيو ته ڦرڻي ڦاٽي پئي! اها ڪرامت عاليه هر نندي وڏي ڏني ۽ ٻڌي، صبح جو حضرت پير سائين جن مريدن جي دعوتن وڃڻ لاءِ حيدرآباد مان روانا ٿي ويا.

نقل 14: حاجي احمد فقير ٽالپر نقل ڪري ٿو ته محمد فقير وساڻ کي قضا الاهي سان ٻر هوڻ شهر ۾ (شاهه پور چاڪر ڪان ڏکڻ طرف) ڪميري (ساٽو) ٿيڻ جي بيماري ٿي پئي، فقير ڪيس جهولي ۾ وجهي،

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حضرت پير سائين جن وٽ ڪٽي آيا، پاڻ فرمايائون تہ، محمد فقير کي چئو تہ توڪافيون چوڻ ڇڏي ڏنيون آهن، تنهن ڪري اها بيماري ٿي آهي! ان ويچاري پاسي پر سمهي ڪري ڪافي جا ٻڌي مصرعا پڙهيا، پڙهڻ شرط تندرست ٿي ويو ۽ جماعت سان گڏ طعام ڪائي روانو ٿي ويو.

نقل 15: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جيسلمير جي سفر ۾ خير ڳڙھ (ابو الخير ڏاهري جو قلعو) ڪان روانا ٿي، تڏوٽ قلعي ڪان ٿيندي، ريگستان ۾ منزل انداز ٿيا! اهو مفاصلو اٽن پهرن جو هو، انهيءَ سڄي سفر ۾ پاڻي ۽ آباديءَ جو نالو نشان نہ هو، فقط ريگستان ئي ريگستان هو، اتي فقيرن کي ڪجھ طعام هٿ آيو، اتان روانا ٿي بلڪل غير آباد ۽ ريگستان جي هڪ منزل رامگڙھ (جيڪا اٽن پهرن جي منزل هئي) ۾ لهي پيا، جتي طعام جو بظاهر ڪو انتظام ڪونہ هو، آئل فقير حضور ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! جماعت سخت بکايل آهي، هن غير آبادي برپٽ ۾ بني قائم فرمايو! پاڻ جواب ۾ هي لفظ فرمايائون: "**بربہ بازار آهي، جتي ديرو دوست جو**" ان کان بعد اتان سوار ٿي هڪ ويران برپٽ ۾، پاڻيءَ جي چشمي تي لهڻ فرمايائون اتي پاڻ ڪريمن جي برڪت سان قسمين قسمين طعام، کير ۽ ڏونرا اچي ويا، جو سڄي جماعت کائي ڏوڪيو ۽ طعام بچي پيو، جيڪو رواني ٿيڻ وقت اتي ڇڏي روانا ٿياسون.

نقل 16: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ: حضرت مخدوم صاحب رحمۃ اللہ علیہ جن جي هڪ ڪرامت هيءَ بہ هئي تہ پيادل هلندي سندن پيرن مبارڪن تي ڪڏهن بہ متي يا غبار ڪونہ لڳندو هو! پوءِ پلي رستو ڏوڙ وارو ڇو نہ هجي!

نقل 17: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت مخدوم صاحب (پريالوئي) جو فرزند محمد فريد، شڪاري ڪتا رکندو هو، هڪ ڏينهن ڪنهن طرف شڪار ڪرڻ لاءِ ويو ٿي، اتفاق سان شهر جي هڪ ماڻهوءَ جي گڏهه جو ڦر، نينگر جي ڪتن ماري وڌو، گڏهه جو مالڪ حضرت مخدوم صاحب وٽ دانهين آيو، مخدوم صاحب جوش ۾ جلال ۾ اچي فرمايو تہ اهڙو اولاد هن زماني ۾ ڪنهن کي بہ شال نہ هجي! پوءِ ٿورن ڏينهن اندر سندن صاحبزادي رحلت فرمائي. اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ.

نقل 18: حضرت پير سائين جن قلات جي سفر کان موٽ تي ديهہ شادي (گندا واهہ جي پرسان هڪ ڳوٺ) ۾ لٿا هئا، اتان جا ماڻهو ٿي سال مينهن نہ وسڻ ڪري سخت پريشان هئا ۽ بکن ۾ وقت ٿي گذاريائون. حضرت پير سائين جن کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، پوءِ فقيرن لاءِ حال آهر طعام آندائون ۽ گهوڙن لاءِ گاهہ داڻو بہ ڪٽي آيا. اچي پاڻ ڪريمن کي عرض ڪيائون تہ حضرتا! اسان توهان جي آمد مبارڪ جا مشتاق هئاسون، هاڻي اهڙو توجہ فرمايو جو تنگي ختم ٿئي ۽ سڪر سٽائي ٿئي. پاڻ سڳورن رحم فرمائي، دربار خداونديءَ ۾ دعا لاءِ هٿ مبارڪ ڪٽي فقط هن طرح فرمايو تہ اسان کي رڻ پٽ لنگهڻ جي مهلت ملي، ان ڪانپوءِ پاڻ سوار ٿي رڻ پٽ ڪان لنگهي، جڏهن مقام "وڏهہ" وٽ پهتا،

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تڏهن مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. ايتري قدر وسيو جو اسان جيستائين درگاه مبارڪ تي پهتاسون، تيستائين بارش هلندي رهي!

نقل 19: هڪ پيري حضرت پير سائين جن فرمايو ته ڪو بزرگ هو جنهن جي هڪ معتقد وفات ڪئي. وفات وقت ان پنهنجي پٽ کي وصيت ڪئي ته سئو روپين جون جيڪي به هماڻيون آهن، انهن مان هڪ فلاڻي بزرگ (جنهن جو هو معتقد هيو) کي نذرانو ڏجانءِ ۽ پي پنهنجي ڪم آڻجانءِ، پٽ وصيت جي ابتڙ ٻنهي هماڻين کي پاڻ خرچڻ جو ارادو ڪيو. اتفاق سان ان شهر جو ڪوتوار جيڪو نه صرف انهيءَ بزرگ جون شڪايتون ڪندو هو، بلڪ هو هر صوفي کان بي اعتقاد هو، سو انهيءَ چوڪري تي ڪنهن سبب ڪري ڪاوڙيو ۽ ڪيس قيد ڪيائين ۽ هڪ هماڻي به انهي کان کسيائين. ان ڏينهن بزرگ جو بورچي، بزرگ وٽ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! اڄ بورچي خاني ۾ ڪجهه به ڪونهي. تنهن تي بزرگ فرمايس ته وڃ فلاڻي ڪوتوار کان ڪجهه وٺي اچ. بورچي ويچارو عجب ۾ پئجي ويو ته ڪوتوار ته بي اعتقاد ۽ ظالم آهي! پر بزرگ جي حڪم موجب ڪوتوار کان وڃي اهڙي گهر ڪيائين ڪوتوار چيو ته فقير ماڻهو ته حلال کائيندا آهن، مون اڄ ظلم ڪري هڪ ماڻهو کان سو روپين جي هماڻي ڦري آهي، سا ڪٽي وڃ. بورچي سو روپيا بزرگ وٽ ڪٽي آيو. بزرگ فرمايس ته وڃي ڪم ۾ لڳاءِ. جڏهن اهو چوڪرو ڪوتوار جي قيد مان ڇٽو، تڏهن خيال آيس ته اها بزرگ جي ڪرامت ۽ پٽ هئي، سو پي هماڻي جيڪا وٽس هئي اها ڪٽي اچي بزرگ کي پيش ڪيائين ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! هڪ سو روپين جي هماڻي توهان جي ملڪ هئي اها ته ڪوتوار کسي ويو ۽ هي پي هماڻي منهنجي آهي، اها حاضر آهي، قبول فرمايو. بزرگ فرمايس ته اها تون واپس ڪٽي وڃ، اسان واري هماڻي اسان کي ملي ويئي آهي.

نقل 20: حسن فقير نظاماڻي، ٽنڊي بهادر جو رهندڙ، نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن کان سندن سفر ۾ هڪ عورت ذڪر ونڻ لاءِ پنهنجي گهران نڪتي، وات ۾ هڪ هنڌ نه آبادي هئي ۽ نه پاڻي، اتي ڪيس ڏاڍي اڃ لڳي، جنهن سبب بي وس ٿي، ڪري پئي ۽ ساه تان آسرو ڪٽي ويني ڏسي ته هڪ شخص پاڻي جي مشڪ سان ظاهر ٿيو. جنهن اچي ان کي پاڻي پياريو ۽ عورت ڪانئس نالو پڇيو، چيائين ته ڏول نالو اٿم. جڏهن اها عورت حضور ۾ اچي پهتي، تڏهن ماڻهن جي گهٽائي ڪري پري بيني رني، پير سائين جن فقيرن کي فرمايو ته ان کي جاءِ ڏيو، پاڻ سندس نالو وٺي فرمايائونس ته امان اڳتي اڃ. جڏهن اڳيان اچي حاضر ٿي، تڏهن پاڻ فرمايائونس ته، ڏول ڪٿي ڇڏيئي؟ بس ايتري پڇڻ سان وجد اچي ويس ۽ جذبي ۾ بيهوش ٿي وئي.

نقل 21: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن پٽارو کان دعوتون وٺي، ڪڇ پڇ ڏانهن روانا ٿيا، رات جو "ٻير شهر" ۾ لٿا، مون کان شهر جو نالو پڇيائون؟ مون نالو عرض ڪيو ته ٻير نالي ٻڌڻ سان پاڻ حيران ٿي ويا، عرض ڪيم ته حضرتا! ڪهڙو سبب آهي؟ پاڻ فرمايائون ته فال ڪنڌا ٿي وئي ان کان

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بعد پاڻ ۾ شهر ۾ فتح محمد جي جاءِ تي آيا، اتي فرمايائون تہ "عاقبت فتح محمدي است" يعني آخر فتح محمدي آهي! ۾ سومهڙي جي وقت پهتا هئا، اتي دعوت جو انتظام عبدالله فقير لوهار ڪيو هو. هسراج هندو جيڪو اتان جو حاڪم هو، تنهن فتح محمد واري جاءِ، جنهن ۾ پير سائين جن لٽل هئا، تنهن کي گهيرو ڪرائي چيو تہ جاءِ مان نڪري وڃو، جو اسان کي ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ راءِ راڻڻ سنڌ مان مسلمانن جي فوج گهرائي آهي جيڪو پاڻ بہ مسلمان ٿئي ٿو ۽ ۾ جو قلعو انهن جي حوالي ڪندو ۽ راءِ راڻڻ جي سپاهين هٿان قلعي جا پهريدا مارجي بہ پيا هئا.

پاڻ ڪريمن اها ڳالهہ ٻڌي پنهنجي رب جي رضا سمجهي، بنا ٽال مٽول جي فقيرن جي جماعت ونڊي ۾ ڪان ٻاهر نڪتا ۽ اورپرو شهر (پائور لڳ) جي هڪ بزرگ ناري رحمۃ اللہ علیہ (جيڪو حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جي سلسلي جو مريد هو) پاڻ ڪريمن جي دعوت ڪئي. اتي هسراج هندوءَ ڪجهن جمعدار جي ذريعي پير سائين جن سان معذرت ڪندي، پنج سو ڪوريون (ڪ ۾ جو هڪ سڪو) موڪليون مگر پاڻ هندوءَ جي هديہ کي رد ڪندي، بزرگ ناري رحمۃ اللہ علیہ کي فرمايائون تہ: اهي پنج سؤ ڪوريون هسراج هندوءَ کي واپس ڏيو تہ ضرورت وقت ڪم اچنس ۽ چورائي موڪليوس تہ يقين سمجهہ تہ تو فقيرن کي قلعي مان ٻاهر ڪڍايو آهي، تون بہ ان قلعي ۾ نہ رهندين. پير سائين جن جي ڪامل ڪرامت سان، هسراج ۾ وري نہ آيو ۽ ۾ جي حسرت ۾ مري ويو ۽ ۾ فتح محمد وري پاڻ ڪريمن جي نيڪ فال ونڊ سان ۾ جو قلعو فتح ڪري ورتو ۽ آخر تائين ۾ جو حاڪم رهيو ۽ سڄو ڪ ۾ ان جي هٿ ۾ هيو فقط "مڏئي بندر" هسراج هندوءَ جي هٿ ۾ هو، پوءِ ان ڏينهن ڪجهن جمعدار پير سائين جن کان ارشاد جي دولت حاصل ڪري روانو ٿي ويو.

نقل 22: قاضي سلام الله نصرپور جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ مان پنهنجي پيءُ سان گڏجي خليفي ميان الهہ رکيي رحمۃ اللہ علیہ ڏانهن ويس ٿي، رستي ۾ درياء جي ڪناري تي، خليفي صاحب جا ٻارنهن ڇٽا مريد مليا، جيڪي خليفي صاحب جي زيارت لاءِ درياء پار ڪري رهيا هئا، مون ۽ ٻين گهٽن ماڻهن ڏٺو تہ انهن کي پاڻي سيني کان مٿي نہ چڙهيو ٿي.

نقل 23: موسيٰ فقير نظاماڻي، ٽنڊي بهادر جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري منهنجي نڙي ۾ ڏاڍو سور ٿي پيو، مون حضرت پير سائين جن جي خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! نڙيءَ ۾ سور اٿم دعا فرمايو. پاڻ شفقت فرمائي درد جي جاءِ تي هٿ رکي مهٽيائون. مون عرض ڪيو تہ حضرتا! ماڻهو چون ٿا تہ تون ٻُڇي ٽيندين؟ پاڻ وري هٿ مبارڪ سان ڏاڙهي جي جاءِ تي مهٽي، ارشاد فرمايائون تہ تنهنجي ڏاڙهي، تنهنجي پيءُ جي ڏاڙهي جهڙي گهاٽي ٽيندي! پوءِ سندن دعا سان نڙي جو سور بہ ڇڏي ويو ۽ ڏاڙهي بہ گهاٽي ڄائي.

نقل 24: يوسف فقير ناهيو، پاڏ جو (ڇچ جي پرسان) رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ، هڪ پيري درگاهہ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن وٽ حاضري جي سعادت حاصل ٿي، پاڻ پڇيائون تہ: خليفو

ڪنديہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڪاراً : طالب دعا: ع ق سڪندري

(جامع ملفوظات) ڪٿي هو؟ مون عرض ڪيو تہ خليفو ڪيبراٽي ۾ مائي ڪپوري وٽ ترسيل هو. حالانڪ خليفو نصرپور ۾ رهيل هو. پاڻ ڪريمن آڏو ڪوڙ ڳالهائڻ سبب وات ۾ ڦرڙي نڪري پئي ۽ تڪليف وڌندي وئي، پي صحبت ۾ دوباره جڏهن خليفي صاحب بابت پڇيائون تہ مون نهايت نيازيءَ سان عرض ڪيو تہ حضرتا خليفي کي نصرپور ڇڏي آيو آهيان، پاڻ مرکي ماڻ فرمايائون ۽ ٿوري دير گذرڻ بعد وات واري ڦرڙي ختم ٿي وئي مون يقين ڪيو تہ وات ۾ ڦرڙي نڪرڻ ۽ وري يڪدم تندرست ٿيڻ پير سائين جن جي ڪرامتن مان هڪ ڪرامت آهي.

نقل 25: فضل فقير نظاماڻي، بهادر فقير کوکر کان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن اسان جي دعوت وٺي اڳتي هليا تہ وات ۾ ٽيڪ سواري جي اڳيان هڪ فقير کي نانگ ڏنگي وڌو، جيڪو هلڻ کان بس ٿي ويو. پاڻ ڪريمن اخلاق محمدي عليٰ صاحبها الصلواة والسلام مطابق ان مسڪين تي رحم فرمائي پڇيائونس. فقير عرض ڪيو تہ حضرتا نانگ ڏنگيو آهي. ان وقت رحمت جو درياءُ جوش ۾ اچي ويو، پاڻ گهوڙي تان لهي لب مبارڪ ڏنگ واري جاءِ تي مکيائونس تہ فقير ان وقت ئي صحت مند ٿي، گهوڙي جي اڳيان فقيرن سان گڏ ڊڪڻ لڳو.

نقل 26: فضل فقير (ٽنڊي بهادر جو رهندڙ) پنهنجي پيءُ خدابخش نظاماڻي کان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن اسان جي ديهہ ۾ دعوتن تي رونق افروز ٿيا هئا، منهنجو وڏو پاءُ ٻيو فقير کين گهر ۾ زيارت ڪرائڻ لاءِ وٺي آيو، طعام حاضر ڪيائين. پاڻ ڪريم طعام استعمال ڪري رهيا هئا تہ اسان جي ٻانهي مائي بختي مون کي حضور ۾ ڪٽي آئي، جو ان وقت آئون ننڍڙو هيس. تنهن تي منهنجي پيءُ ٻانهي کي چيو تہ هن کي هت چو ڪٽي آئين؟ پاڻ فرمايائون تہ فڪر نہ آهي، پلي وينو هجي. ننڍڙائپ ۾ مون کي کير ۽ مکڻ نہ وٽندا هئا، زور سان کارائيندا هئا، مگر ان ڏينهن ڪانپوءِ پير سائين جن جي برڪت سان مکڻ وٽي ٿو، باقي کير جو ساڳيو حال آهي.

نقل 27: سائين ڏنو فقير لاکو نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن سيدپور (چاڪر هالاجي ايرندي طرف) ۾ شڪار فرمايو، اتفاق سان هڪ وڻ ۾ تتر ڏسڻ ۾ آيو، پاڻ گهوڙو ڊوڙائي ان وڻ وٽ آيا ۽ فرمايائون تہ تتر ڪٿي آهي؟ عرض ڪيم تہ حضرتا! هن وڻ ۾! پاڻ فرمايائون تہ: ڏسجانءِ متان نڪري وڃي پوءِ پاڻ آڳر مبارڪ سان اشارو ڪري فرمايائون تہ جهرڪي نڪري اڇ ان فرمان تي تتر نڪري آيو ۽ اڳ ۾ صاحبزادي ميان محمد حسن تتر پڪڙيو ۽ پوءِ ٻين صاحبزادن بہ هٿ ڳنڍيا، پاڻ فرمايائون تہ پهريائين ڪنهن هٿ وڏو هو؟ صاحبزادي ميان محمد حسن عرض ڪيو تہ مون! اي عزيز! عجب آهي جو پڪي ماٺهن کان پڇن ۽ لڪن مگر حضرت پير سائين جن کان ٿهڻ جي بجاءِ سندن حڪم تي حاضر ٿيو وڃن پيا.

نقل 28: فتح محمد نظاماڻي چوي ٿو تہ هڪ پيري درگاهہ مبارڪ تي حاضر ٿيس ۽ ان وقت آئون

مريد ڪونہ ٿيو هوس، منهنجي سوٽ محمد حسين مون کي مريد ٿيڻ لاءِ چيو، پر مون انڪار ڪري ڇڏيو. رات جي وقت حضرت پير سائين جن کي زور ڏئي رهيو هيس تہ مون کي سندن بدن مبارڪ مان مشڪ جي خوشبوءِ اچي رهي هئي مون عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کي مريد ڪيو پاڻ ڪرم فرمائي سلسلي ۾ داخل فرمايائون پوءِ جيترا ڏينهن درگاھ مبارڪ تي هيس تہ اها خوشبوءِ منهنجي بدن مان نہ وئي.

نقل 29: ابراهيم فقير نظاماڻي جهالار جو رهندڙ سيد قاضي مقبول شاھ حيدرآباد واري کان نقل ڪري ٻڌو تہ حضرت پير سائين جن جي مريدن هٿان اتفاقاً هڪ شخص (باده قوم جو) مارجي پيو. اها خبر مير فتح علي خان سنڌ جي حاڪم کي ٻہ پٺجي وئي. مقتول جا مائٽ بدلي ونڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مير فتح علي خان شرعي فيصلي ڪرڻ ۾ قصاص ونرائي ڏيڻ لاءِ مون کي چيو. انهن ڏينهن ۾ پير سائين جن ٻہ حيدرآباد تشريف فرما ٿيا هئا، سندن خدمت ۾ مريدن عرض ڪيو تہ حضرتا! ماٺهو اتفاق سان مري پيو آهي ۽ معاملو مير صاحب تائين پهچي ويو آهي، جيڪو قصاص ونڻ کان ڪونہ مڙندو تنهن لاءِ دعا فرمايو تہ مقتول جا وارث جيڪي عيوضو (ڏنڊ وغيره) ونڻ لاءِ تيار آهن، اهي پنهنجي راءِ تي قائم رهن ۽ قصاص کان ٻہ آزادگي ملي ۽ مير صاحب ٻہ ڪنهن طرح ان تي راضي ٿي وڃي. پاڻ ڪريمن جي عجيب ڪرامت جو مير فتح علي خان ازخود مون کي (سيد قاضي مقبول شاھ کي) گهرائي چيو تہ قصاص نہ ونايو، بلڪ ٻنهي ڌرين کي پاڻ ۾ راضي ڪرائي ڇڏيو، پوءِ انهن کي پاڻ ۾ راضي ڪري قصاص کان بغير صلح ڪرائي ڇڏيم.

نقل 30: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٻڌو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن هن فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، اتان سيد قبول محمد شاھ جي دعوت قبول فرمائي وٽس ويا، جيئن تہ سيد صاحب پر تڪلف طعام تيار ڪرايا هئا، پير سائين جن مون کي حڪم فرمايو تہ: اسان کي زڪام آهي، سيد سڳورا طعام ۾ گهہ گهٽو وجهندا آهن توهان منهنجي لاءِ ۽ وڏي صاحبزادي ميان خليفة الله لاءِ ڪجهہ مڱڻ جي دال تيار ڪرائي اچو! فقير حڪم موجب چوٽائي مُڱڻ جي دال ۽ ٻن پاٽين اٽي جون مانيون تيار ڪرايون ۽ پير سائين جن کي سومهٽي نماز کان بعد، نون مريدياٽين کي تلقين ڪرڻ ۽ طعام واپرائڻ لاءِ گهر هلڻ واسطي عرض ڪيم. پاڻ ڪريم پنهنجي بزرگوار پائرن، صاحبزادن سڳورن ۽ جماعت جي معزز فقيرن سان گڏجي گهر آيا. مون جو ڏٺو تہ جماعت تمام گهٽي آهي ۽ طعام پورو پنو، سو سوچڙ لڳس تہ هي طعام ڪيئن پورو ٿيندو ۽ گهر ۾ وڌيڪ هڪ داڻو ٻہ موجود ڪونہ هيو جو ڪٽي پيو طعام تيار ڪرائي ونجي ها، پر پوءِ سيني کي گهر ۾ ونبي، طعام ٻن ٽن ٽانون ۾ وجهي پير سائين جن جي خدمت ۾ آڏو اچي رکيم. پاڻ سيني کي گڏجي کائڻ جو حڪم فرمائي، پاڻ ٻہ ساڻن واپرائڻ ۾ مشغول ٿي ويا. کائڻ جي دوران هن فقير کي فرمايائون تہ خليفا! اسان کي لاڙ جي زبان نہ ٿي اچي، تون اسان کي سيکار. پوءِ پچيائون تہ اوهان سپيري چاکي چوندا آهيو؟عرض ڪيم تہ

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حضرتا! سپيري ٻن وقتن جي دعوت کي چوندا آهن. اهڙي طرح خوش طبعي فرمائيندا رهيا ۽ دال ماني واپرائيندا رهيا، پاڻ ڪريمن ۽ جملہ حاضرين جماعت ڏئو ڪري کاڏو ۽ سندن برڪت سان طعام بچي پيو، جيڪو سمورين عورتن کي ورهائي ڏنوسون پر اڃان بہ بچي پيو، پوءِ آئون ۽ ميرڻ فقير، جيڪي جماعت جي خدمت ۾ مشغول هئاسون، تن بچيل ماني مان ڏئو ڪري کاڏوسون.

نقل 31: رمضان فقير سهتو نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي درگاھ مبارڪ تي حاضر هيس، تي چار ڏينهن لڳاتار مينهن پئي وسيو. هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن اشراق کان بعد چند فقيرن سان گڏ مسجد شريف ۾ وينا هئا ۽ مينهن وسي رهيو هيو. پاڻ فرمايائون تہ: اڄ هتان جي ڪورين مان ڪوبہ نہ آيو آهي الائي ڪهڙي ڪم ۾ مشغول آهن؟ بس هاڻ اسان هت ڪونہ ٿا رهون ۽ مدينہ منوره وڃون ٿا. ايتري ۾ هڪ ڪوري فرياد ڪٽي آيو تہ حضرتا! گهٽي مينهن وسڻ ڪري اسانجا گهر ڊهي ويا، ۽ ٻچا بک ٿا مرن؟ پاڻ فرمايائون هي ماٹهو پهريائين مينهن گهرن ٿا، پر پوءِ بيزار ٿيون پون، اهو ارشاد فرمائي، مسجد شريف جي صحن ۾ اچي، آڏر مبارڪ سان آسمان ڏانهن اشارو ڪري ڪجهہ لکيائون ۽ ڪجهہ پڙهيائون تہ بروقت مينهن بيهي ويو ۽ جهڙ بہ لهي ويو.

نقل 32: فتح محمد نظاماڻي چوي ٿو تہ، الهہ داد نظاماڻي هڪ پيري مون کي چيو تہ مرداني طاقت کان شاديءَ کان پوءِ ويهي ويو آهيان، ڪنهن طبيب کان ڪا دوا وڻي ڏي تہ استعمال ڪيان؟ مون کيس چيو تہ آزمايل دوا ڪابہ ڪانہ آهي، مگر حضرت پير سائين جن جي لب مبارڪ جيڪڏهن چٽين تہ پوءِ تنهنجو ڪم ٿي ويندو، سو ان ائين ڪيو، پوءِ پير سائين جن جي مبارڪ لب سان سندس طاقت بحال ٿي وئي، جو ڪيترن ٻارن جو پيءُ ٿي پيو ۽ اجان تائين سگهو متارو آهي.

نقل 33: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي نظاماڻين ۽ لاشارين ۾ جهڳڙو ٿي پيو، انهن ڏينهن ۾ آئون گهٽي جذبي ۽ حضرت پير سائين جن جي محبت جي غلبي ڪري، پيادل درگاھ مبارڪ تي ايندو ويندو هيس، فقير هڪ ٻہ دفعو، درگاھ شريف ڏانهن ويندي، خون جي عيوض (پلاند) وڻڻ لاءِ منهنجي پنڀان پيو هو، پر مون سان ملاقاتي ٿي نہ سگهيو. اهو سڄو معاملو پير سائين جن کي پيش ڪيم پاڻ گهڙي کن ماٹ فرمائي، ارشاد فرمايائون تہ: اي يار! هن کان پوءِ اهو خيال دل تان لاهي ڇڏجانءِ. قدرت خدا جي ٿورن ڏينهن کان پوءِ بهادر لاشاري پنهنجي سهري سان ڪنهن ڳالهہ تي وڙهي پيو ۽ سهري جي هتان قتل ٿي ويو:

دشمن چہ کند چون مہربان باشد دوست
در ظل خود خش نگاہدار اوست

(دشمن ڇا ڪندو، جڏهن جو دوست مهربان هجي پنهنجي پاڇي ۾ پلو حفاظت ڪرڻ وارو اهوئي آهي)

نقل 34: يعقوب فقير ناهيو نقل ڪري ٿو ته هڪ پيري حضرت پير سائين جن درياء پار روانا ٿيا ۽ هي ٻانهو ب ساڻن گڏ هيو. ٿهڙي شهر ۾ ڪن فقيرن جي دعوت ونِي پٺ تي اچي پيڙي ۾ سوار ٿيا ۽ پيڙي رواني ٿي. پيڙي جڏهن وچ درياء ۾ پهتي، تڏهن ونجهه هٽڻ سان پيڙي ڪي هينان سوراخ ٿي پيو ۽ پاڻي سان پرجي ٻڏڻ لڳي. هرهڪ ماڻهو پنهنجا ڪپڙا مٿي تي رکي ترڻ جي تياري ڪئي مگر پاڻ قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول هئا ۽ تلوار سندن چيلهه مبارڪ سان ٻڌي پئي هئي. گل فقير ناهيي ۽ ٻين ماڻهن ملاحن کي ٻي پيڙي ڪاهي آڻڻ لاءِ سڏ ڪيا. حاجي مهر ڪنري برادر حاضر ٿي جتي مبارڪ لاهڻ جو ارادو ڪيو ۽ پيڙي جي ٻڏڻ جي حقيقت بيان ڪيائين. پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته پنهنجي خواهش جي ڪري ڪاڏي وڃون؟ جيڪا رب جي رضا، اها اسان لاءِ راحت جان آهي. ان کان بعد فرمايائون ته: هڪ ماڻهو درياء ۾ لهي ڏسي ته پاڻي ڪيترو آهي؟ سندن فرمان موجب، هڪ ماڻهو لٿو جنهن کي پاڻي گوڏي تي مس آيو، پوءِ سيئي ماڻهو پيڙيءَ مان هيٺ لهي ٻيڻا ۽ گهوڙن کي ب هيٺ لاٽائون ۽ درياهه جي هن طرف آندائون. پيڙي جي سوراخ کي اجر ڪن ۽ پٽڪن سان مضبوط بند ڪري، هٿن ۽ وٽن سان پاڻي ٻاهر ڪڍيائون، پوءِ پيڙي هلڪي ٿي پئي ۽ پاڻيءَ ۾ هلڻ لڳي. ان وقت پير سائين جن ۽ ٻيا پيڙيءَ ۾ سوار ٿيا. مون کان پڇيائون ته، تو ڪيتريون رڙيون ڪيون؟ مون عرض ڪيو ته ب پيرا پاڻ فرمايائون ته رات جيڪي ڪارڪون ورهائجي رهيو هيون، تو انهن مان ب دفعا ورتيون هيون، تڏهن تو ب پيرا رڙيون ڪيون پوءِ سندن برڪت سان پيڙي هلي ڪناري سان لڳي.

نقل 35: سيد ڪمال شاهه نقل ڪري ٿو ته هڪ پيري حضرت پير سائين جن جي دعوت جهليم، جنهن لاءِ مون وٽ يارهن ٽوپا چانور ۽ ڏهه سير گيهه موجود هو. موسيٰ فقير نظاماڻي چيو ته جماعت تمام گهڻي آهي ۽ سامان تمام ٿورو آهي پاڻ ڪريمن فرمايو ته جو ڪجهه موجود آهي، وڃي پڇراءِ ان شاءَ الله العزيز گهٽو ٿي پوندو سو مون وڃي طعام تيار ڪرايو. پاڻ تشريف ونِي آيا ۽ اچي فرمايائون ته فقيرن کي ڪرايو. پوءِ سندن برڪت سان فقيرن جي جماعت ۽ ٻين ماڻهن ڏئو ڪري ڪاڏو ۽ ڪيترائي ماڻهو گهرن لاءِ ب ڪٽي ويا ته ب پڪل طعام ساڳي طرح بچيو رهيو! اي عزيز! سندن هي مهربانيون ۽ برڪتون ۽ بي انتها تصرفات لکڻ کان ٻاهر آهن.

قلم در تحرير آن لنگ، وزبان تقرير آن گنگ!
(قلم ان جي لکڻ کان قاصر ۽ زبان بيان ڪرڻ کان گونگي آهي)

نقل 36: سيد هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو ته حضرتا! حضرت شاه شمس الدين تبريزي رحمۃ اللہ علیہ جڏهن بادشاه جي پٽ جيارڻ لاءِ ب پيرا قم باذن الله (الله جي حڪم سان ات) چيو ته بادشاه جو پٽ جيئرو ڪونه ٿيو. پوءِ ٽئين پيري جڏهن بزرگ جوش سان قم باذني (منهنجي حڪم سان ات) فرمايو، تڏهن جيئرو ٿي پيو ته ان جو سبب ڇا هو؟ جواب ۾ ارشاد فرمايائون

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

قم باذن الله چوڻ وقت حضرت تبريزي جي نظر پنهنجي هستي تي هئي مگر قم باذني چوڻ وقت موهوم هستي حق ۾ گم هئي، تڏهن بادشاه جو پٽ جيئرو ٿي پيو. اي عزيز! هن جي مطابق ڪنهن بزرگ ڪهڙو نه سڻو فرمايو آهي:

من نمی گویم انا الحق یار میگو ید بگو
چون نمی گویم، مرا دلدار می گوید بگو

(مان انا الحق (آءٌ حق آهيان) نڻو چوان، پر يار چوي ٿو ته چوٗ پر جي نڻو چوان ته يار، وري به چوي ٿو ته (ضرور) چوٗ)

از خودی رستی همه حق گشته
رفت ظلمت نور مطلق گشته

(جڏهن خودي کان ڇٽندين، تڏهن سڄو حق ٿي ويندين، اونداهي هلي ويندي ۽ مطلق نور ٿي ويندين.)

نقل 37: حضرت پير سائين تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ فرمائيندا هئا ته محمد حسين فقير ڏاريجو حضرت پير سائين جن کي پنهنجي ڳوٺ (ديهه ڪنگري جيڪا موجود درگاهه مبارڪ کان ڏکڻ طرف بلڪل متصل اچان تائين موجود آهي) دعوت ڪري وڃي آيو، انهن ڏينهن ۾ مينهن نه وسڻ ڪري گهڻي تڪليف هئي دعوتيءَ پاڻي ڪريمن کي عرض ڪيو ته حضرتا! مينهن نه وسڻ سبب تمام گهڻي تنگي آهي دعا فرمايو پاڻ هٿ مٿي کڻي دعا فرمايائون پوءِ سندن توجهه مبارڪ سان بروقت هڪ ڪڪر ظاهر ٿيو، جيڪو سڄي آسمان تي پکڙجي ويو ۽ گوڙيون ۽ ڪنوٽيون ٽيڻ لڳيون پاڻ واپس درگاهه مبارڪ ڏانهن موٽيا ئي ڪونه ته مينهن ايتري قدر وڻو، جو پاڻي گوڏي، چيلهه جيترو ٿي ويو!

نقل 38: حضرت پير سائين تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا ته، شهمير فقير لاڙڪ چيو ته هڪ دفعي مون عرض ڪيو ته حضرتا حڪومت جا ماڻهو زور پيا پرين ته آبادي گهٽي پوڪيو حالانڪ مينهن اچان تائين نه وسيو آهي ۽ درياءِ جو پاڻي به گهٽ ٿي ويو آهي ۽ پاڙي جا جاگيردار پنهنجي زمين کي آباد ڪرائڻ لاءِ پاڻي مٿي روڪيو ويندا آهن، دعا فرمايو ته حاڪمن جي حڪم کان آزاد ٿيون ۽ فصل به سڻو ٿئي پاڻ ان وقت ئي دعا فرمايائون الله تعاليٰ جي فضل سان بروقت مينهن وسي پيو ۽ تمام گهڻو پاڻي جاري ٿي ويو، ايتري قدر جو ٻوڏ جو خطرو ٿي پيو. وري حضرت پير سائين جن کي ٻوڏ کان بچاءَ جو عرض ڪيم، پاڻ دعا فرمايائون سندن دعا جي برڪت سان ٻوڏ کان به بچي وياسون ۽ آبادي لاءِ پاڻي به ڪافي ٿي ويو!

نقل 39: حمل فقير گهمرو نقل ڪري ٿو، حضرت پير سائين تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ جي خدمت ۾ هڪ شخص ڳالهه ڪئي ته منهنجا وار تمام ڏڳها هئا سو فقيرن مون کي وڃي حضرت پير سائين جن جي آڏو آٽي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاهه شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

وار ڪترڻ گهريا پاڻ ڪريمن فرمايو تہ ڇڏيوس ان جا وار شرعي حد تي ڪٽيل آهن پوءِ سندن فرمان موجب ٿوري وقت ڪانپوءِ منهنجي مٿي جا وار پاڻان ڪسي ويا ۽ جيڪي وار شرعي حد تي ٻيئل هئا اهي ئي باقي رهيا، سي وري ڏگها نہ ٿيا.

نقل 40: هيڪر حضرت پير سائين جن شهداد ڪوٽ ۾ ڪنهن فقير جي دعوت قبول فرمائي تشريف فرما ٿيا هئا اتي ڪي بي دين ماڻهو (جيڪي اصل ۾ شيخ هئا سي) پاڻ کي سيد سڏائيندا هئا، انهن هڪ انگاس ڪوڙي ڇڏيو هو، تن سان ڪي چند شرارتي ماڻهو گڏجي مسجد شريف جي اوپر طرف ڪان اچي نغارو وڄائيندي ۽ علي، علي ڪندي اچي دعوت جي جاءِ ڪان لنگهيا ۽ (انهن) حملو ڪري دعوتي فقير ۽ گلاب شاهه کي تلوار سان زخمي ڪري وڌو، ان وقت نماز پڙهي خليفي عبدالرحمان کوهره وٽ وينو هوس، گوڙجو ٿيو تہ آئون اٽيس ۽ سمجهيم تہ اهي بي دين آهن. فقير عبدالرحمان (جنهن کي انهن ڏينهن ۾ جوش ۽ وجد گهٽو هو) سو لانڊي مان پنجر ڪڍي انهن بي دينن تي ڪاهي پيو. پر ميان قابل شاهه وچ ۾ اچي ان کي هٽائي ڇڏيو پوءِ اسان سڀ پاڻ ڪريمن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿياسون ۽ عرض ڪيوسون تہ حضرتا! انهن خواه مخواه اچي گوڙ ڪيو آهي، توهان شهر جي حاڪم کي لکو تہ انهن کي تنبيهه ڪري ۽ سيکٽ ڏئي پاڻ ڪجهه بہ نہ فرمايائون. صبح جو لاڙ جي سفر جي تياري فرمايائون پوءِ سندن ڪرامت سان انهن بي دينن کي شهر جي حاڪم گهرائي بيعزتو ڪري لکڻ هٽايا.

نقل 41: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن هڪ هندوءَ جي ڇڏائڻ لاءِ (جيڪو مسلمان ٿي رهيو هو ، ۽ ان کي هندن مير صاحب وٽ قيد ڪرايو هو) خيرپور تشريف فرما ٿيا، مير سهراب پنهنجي نوڪر مني خان سان چورائي موڪليو تہ حضرتا! هندن ٻڌي ڪئي آهي، جيڪڏهن هيءَ ٻانهن ڇڏيندس تہ پوءِ ٻيا بہ ڪيترا ڇڏڻا پوندا، پاڻ فرمايائون تہ مير سهراب هندن جي طرفداري ڪئي آهي، پر اها خبر نہ اٽس تہ بازار سڙي وڃي ڇبوتري سان لڳي آهي! پاڻ سڳورن جي ان ارشاد شرط بازار کي باهه وکوڙي وئي ۽ هر هندوءَ جو گهر باهه جي لپيٽ ۾ هو، هندن پنهنجون شيون بازار مان ڪڍي ٻاهر رکيون تہ اتي بہ باهه لڳي ٽي وين، اگر کوهن ۾ شيون اڇلايائون ٽي تہ اتي بہ سڙي ٽي ويون، اها ڳالهه ڪيترن ماڻهن ڏسي مير سهراب کي اچي ٻڌائي! مير صاحب پنهنجي پٽ مير غلام حيدر کي ان مسلمان ٿيندڙ هندوءَ جي ٻانهن ڏئي، پير سائين جن ڏانهن موڪليو ۽ معافي طلب ڪيائين ۽ دعا لاءِ عرض ڪيائين پوءِ پاڻ ان هندوءَ کي ڪلمو شريف پڙهائي وچ بازار مان وڃي درگاهه مبارڪ روانا ٿي ويا.

نقل 42: فضل محمد ٽالپر ڏڪڙي جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ اميد علي ٽالپر پهرين پيري تڪبر ۽ غرور سبب، دادپوٽن سان جنگ ۾ شڪست کائي آيو، ٻئي دفعي مير غلام علي، مير جام کي لشڪر جو سپهه سالار مقرر ڪري، دادپوٽن تي چڙهائي ڪرائي. مير جام جڏهن درگاهه مبارڪ کي ويجهو پهتو، تڏهن مون کي حضرت پير سائين جن وٽ دعا طلبي لاءِ موڪليائين ۽ چيائين تہ پاڻ ڪريمن

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاهه شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪي عرض ڪر تہ مير ڏاري جي خلاف، مير غلام عليءَ مير محمود ڪي لڙڻ لاءِ سپھ سالار ڪري موڪليو ھيو تہ مير محمود پنھنجي پير لنواري واري بزرگ کان دعا ڪرائي ھئي پوءِ ڪيس فتح نصيب ٿي ھئي. ھاڻي مون ڪي (مير ڄام ڪي) داد پوٽن سان لڙڻ لاءِ موڪليو ويو آھي، آئون اوھان جو مريد آھيان مون لاءِ دعا فرمايو. جو داد پوٽا لڙائي کان اڳئي پيا فخر ڪن، دعا ڪيو تہ جيئن انھن تي فتح حاصل ٿئي. مون (فضل محمد ٽالپر) اھا حقيقت پير سائين جن ڪي اڇي پيش ڪئي تنھن تي پاڻ فرمايائون تہ اي فضل محمد! مير ڄام ڪي چئو تہ مير محمود ڪي مير ناري تي ڪاميابي جنگ سان ٿي ھئي ۽ توڪي داد پوٽن تي ڪاميابي ان شاءَ اللہ بغير لڙائي جي ٿيندي. پاڻ ڪريمن جي ارشاد مطابق مير ڄام ڪي بغير خون خرابي جي داد پوٽن تي ڪاميابي حاصل ٿي ۽ نتيجي ۾ داد پوٽا دربدر ٿي ويا.

نقل 43: صاحبزادو ميان محمد شاھ نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن جڏھن قلات جي سفر ۾ نيچاره شھر کان اڳيرو ٽيا تہ نماز جو ٽائيم ٿي ويو. پاڻي طلب فرمايائون اتان جي رھاڪن عرض ڪيو تہ، پاڻي نئين جي پاسي ۾ آھي، پوءِ جڏھن نئين وٽ پھتا، تڏھن فرمايائون تہ پاڻي ھتي آھي؟ عرض ڪيو ويو تہ قبلا ايان اڳتي آھي. پاڻ جنھن جاءِ تي ارشاد فرمائي، فرمايو ھيائون تہ، پاڻي ھتي آھي، ان جاءِ تي ھڪ فقير ڪجھ وقت کان پوءِ ڪافي خرچ ڪري چشمون کوٽايو تہ پاڻ سڳورن جي برڪت سان ان جاءِ تي منڻي پاڻي جو ھڪ اڻ کٽ چشمون پيدا ٿي ويو.

نقل 44: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ ھڪ دفعي حضرت پير سائين جن سفر دوران ٽنڊي شھر ۾ کٽ تي آرام فرما ٽيا، فقير چوڏاري وينا ھئا، سندن ھڪ مجذوب مريد خدمت ۾ چار پئسا نذرانو پيش ڪيو. پاڻ ڪڏھن بہ نذرانو پنھنجي ھٿ ۾ نہ ونڏندا ھئا، خاص طرح پئسن کي، مگر اھي چار پئسا معمول جي خلاف پنھنجن مبارڪ ھٿن سان ونڻي مون کي عنايت فرمايائون. مون اھي ڳنڍ ۾ ٻڌي ڇڏيا بعد ۾ ٽنڊي شھر مان ڪي شيون انھن پئسن مان ورتيم جڏھن منزل تي آيس، تڏھن ڏسان تہ ساڳيا پئسا ڳنڍ ۾ ٻڌا پيا آھن! اھڙي طرح ڪئي دفعا خرچ ڪرڻ باوجود اھي پئسا بدستور سندن برڪت سان موجود رھيا.

نقل 45: خليفو سيد ولي محمد شاھ نقل ڪري ٿو تہ ھڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ عالم ڳوٺ ۾ فقيرن جي دعوت تي روانا ٽيا، اھو ڳوٺ درياء جي ھن طرف ھو پاڻ پتڻ تان جنھن ٻيڙي ۾ سوار ٽيا، سا بلڪل نندڙي ھئي، فقيرن سان ۾جي وئي ۽ پاڻ آرام سان سمھي رھيا ٻيڙي جا رسا ڪولي جڏھن ڳوٺ عالم جي سامھون آندائون، تڏھن ملاحن خيال ڪيو تہ ھوا تيز ۽ ناموافق آھي، ھيتري وزن ھوندي ھن ۾ ھلي ڪانہ سگھندي، تنھن ڪري ڊڄي ويا ۽ پير سائين جن کي عرض ڪيائون تہ حضرتا! ڪجھ فقيرن کي لاھيو تہ پوءِ آساني سان ٻيڙي ھلي سگھندي نہ تہ سيني جي ٻڏڻ جو خطرو آھي، پاڻ ڪريمن پنھنجو ھٿ مبارڪ، پنھنجي سيني مبارڪ تي رکيو. ميان قابل شاھ ملاحن کي چيو تہ پير سائين جن ڏمون کٽن پيا اوھان ٻيڙي ھڪليو، پوءِ ٻيڙي ھن طرف ھڪليائون، پاڻي جو

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ايترو زور هيو جو ان جون لهرون ٻيڙي مٿان ٽي آيون، ۽ ٻيڙي ۾ ڪافي پاڻي اچي ويو ٽي پر پاڻ ڪريمن جي برڪت سان خبر ئي نہ پئي جو ٽوري دير ۾ ٻيڙي سلامت اچي ڪناري سان لڳي.

نقل 46: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمائيندا هئا تہ هڪ لونگ نالي مجذوب هوندو هو، جنهن جي هميشہ عادت هوندي هئي جو پنهنجي ڏاڙهي ۾ ڏاڪو ٻڌي ڇڏيندو هو. جيستائين اهو ڏاڪو ٻڌل هوندو هوس تہ ملڪ ۾ امن امان هوندو هو، جڏهن اهو ڏاڪو کولي ڇڏيندو هو تہ ملڪ ۾ ڦڙ ڦوٽ پئجي ويندي هئي. جيئن جو انهن ڏينهن ۾ ٽالپرن ۽ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي وچ ۾ جنگ جاري هئي، سوجڏهن مجذوب ڏاڙهي ۾ ڏاڪو ٻڌندو هو تہ ان وقت ملڪ ۾ امن ٽيو وڃي، ۽ سڀ ماڻهو آرام ۾ هوندا هئا، جڏهن ڏاڪو کوليندو هو تہ انهن جي لڙائي شروع ٽي ويندي هئي ۽ ماڻهو لڏ پلاڻ ۾ مشغول ٽي ويندا هئا.

نقل 47: هڪ ڏينهن آئون (جامع ملفوظات) پنهنجي مادي گهوڙيءَ تي سوار ٽي حضرت پير سائين جن سان همرڪاب هيس. پاڻ فرمايائون تہ گهوڙي کي گهوڙو ڏنو اٽئي؟ عرض ڪيم تہ هائو! وري فرمايائون تہ ڇا ان جو پيءُ ڏنو اٽئيس؟ ٻانهي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ هائو. پاڻ خاموش ٽي ويا، ٽوري دير ڪانپوءِ مون عرض ڪري پڇيو تہ حضرتا! ائين ڪرڻ جائز آهي يا نہ ؟ پاڻ فرمايائون تہ جي خودبخود هو ميلاپ ڪري وجهي تہ ڪو حرج نہ آهي، پر جاڻي واڻي ائين ڪرائڻ سنو نہ آهي.

اي عزيز! جڏهن جانورن جا حال پير سائين جن کي معلوم آهن تہ پوءِ ماڻهن جا حال ڪائن ڪيئن ڳجها رهندا؟

جام جہان نما است ضمير منير دوست
اظهار احتياج خود آنچاچہ حاجت است

(دوست جي روشن دلي، جهان نما پيالو آهي، اتي پنهنجي حاجت اظهار ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانہ آهي)

نقل 48: خليفو غازي خان ٽالپر (ٺري جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي سفر ۾ ميان قابل شان حضرت پير سائين جن کان اجازت گهري تہ اوهان جو گهوڙو پنهنجي گهوڙي کي ڏياريان. پاڻ ڪريمن فرمايو تہ سفر کان بعد اجازت ڏينداسون جڏهن پاڻ ٻئي شهر ۾لٽا، تڏهن قابل شاه وري اجازت گهري. پاڻ فرمايائونس تہ ڏس متان گهوڙي ڏڪي هجي ۽ ڦر سيني ۾ لڪايو هجيس. ميان قابل شاه عرض ڪيو تہ يقين آهي تہ ڏڪي ڪانہ آهي. پوءِ نيٺ گهوڙي کي گهوڙو ڏنائين جڏهن رات ٽي تڏهن گهوڙي ڦر ڇڏي ڏنو. ٻئي ڏينهن پاڻ ميان قابل شاه کي فرمايائون تہ گهوڙي ڦر ڇڏي ڏنو آهي ڇا؟ شاه صاحب عرض ڪيو تہ هائو، پر حضرتا! هيستائين گهوڙيءَ جي ڏڪي هڻڻ بابت ڪنهن بہ نہ ٻڌايو هو. پاڻ ڪريمن فرمايو تہ اسان تہ چيو هو تہ گهوڙي ڏڪي آهي. شاه صاحب عرض

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪيو تہ حضرتا! مون سمجهيو تہ خوش طبعي فرمايو ٿا. پاڻ فرمايائون تہ اسان ڪوڙ سان هرگز خوش طبعي نہ ڪندا آهيون.

نقل 49: هڪ پيري مير غلام علي جي لشڪر، ميان مير محمود ۽ فقير طاهر جي ڪمان هيٺ، ٽاري ٽالپر سان، گوني جي ڪناري تي قائم پور جي پرسان جنگ جوٽي ڪيترا ماڻهو ٻنهي طرفن کان مارجي ويا ۽ ڦٽجي پيا ڪجهہ ڏينهن کان بعد اها خبر حضرت پير سائين جن جي محفل ۾ پهتي، اتي حاضرين محفل چوڻ لڳا تہ فلاڻا مارجي ويا ۽ جهان خان فقير لغاري بہ مارجي ويو. پاڻ ڪريمن فرمايو تہ جهان خان شهيد ٿيو آهي. ڪنهن عرض ڪيو تہ حضرتا! ڪيئن شهيد چئبو؟ ڇو تہ ڪافرن جي لڙائي ۾ تہ ڪونہ مارجي ويو آهي نہ ڪي اسلام جي لاءِ مئو آهي. پاڻ وري بہ فرمايائون تہ شهيد ٿيو آهي ۽ يقيناً شهيد ٿيو آهي. بعد ۾ معلوم ٿيو تہ جهان خان جنگ ۾ ڦٽجي پيو هو پوءِ ٻنهنجي غلام کان پاڻي گهريائين پر غلام سندس سوني تلوار هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيس گوني واهہ ۾ غوطا ڏئي ٻوڙي ماري ڇڏيو هو.

نقل 50: شروع ۾ هن (جامع ملفوظات) ٻانهي کي سينن ۽ قبرن جو ڪشف گهٽو ٿيندو هو حضرت پير سائين جن کي اها حقيقت عرض ڪيم تہ پاڻ فرمايائون ميان ناصر علي شاهہ کي بہ ڪشف گهٽو ٿيندو هو، پوءِ ان حقيقت کي فخر سان ميان قابل شاهہ جي اڳيان بيان ڪيائين، ڪيس ميان قابل شاهہ جواب ڏنو اهڙو ڪشف تہ گڏهہ کي بہ ٿيندو آهي، جڏهن ڇوڪرن کي ڏسندي آهي تہ تڏهن ڀڄندي آهي ۽ جڏهن عام ماڻهن کي ڏسندي آهي، تڏهن ڪونہ ڀڄندي آهي پوءِ پاڻ فرمايائون تہ طالب کي انهن ڪمن ۾ محو ٿيڻ نہ گهرجي جو اهڙن کان عجب ۾ پئجي وجي ۽ اهي طالب کي رکاوٽون آهن.

نقل 51: هڪ ڏينهن ديهہ ڪڙئي ۾ (جيڪو منهنجو وطن آهي) مسجد شريف مان ٻاهر نڪري اوپر طرف ڪپڙن ڏانهن روانو ٿيس، اها موسم مينهن وسڻ جي هئي مون اتي وضو ڪري بہ رڪعتون نفل پڙهيم نفل پڙهڻ بعد يڪدم دل ۾ مقبري جي زيارت جي ڪشش پيدا ٿي جڏهن مقبره ۾ آيس تڏهن انهن ماڻهن جي زيارت جو شوق پيدا ٿيو، جيڪي منهنجي پيءُ جي خدمت ڪندا هئا ۽ ننڍڙائپ ۾ منهنجي خدمت بہ تمام گهڻي ڪئي هئائون پوءِ قبرن تي مراقبو ڪري وينس معلوم ٿيو تہ انهن جي مٿان جلال جي صفت جاري آهي الله تعاليٰ جي دربار ۾ صفت بدلائڻ جو عرض ڪيو ويو نند ۾ الهام جي ذريعي حڪم ٿيو تہ دعوا رضا جي ۽ وري اهڙو سوال ڪري رهيو آهين. انهيءَ ٻيخودي ۾ عرض رکيو ويو تہ اي باري تعاليٰ تنهنجي مٿان انهن جي حال کي مظهر جمال قادري سان مٿائڻ آهي ۽ اهو عرض ٻانهي کان آهي انهي سوال جي جواب ۾ اڃ پهر لنگهي ويو، ڇو تہ دربار خداوندي ۾ انهن جي حال کي بدلائڻ ۾ دير ٿي ٿئي ۽ هن ٻانهي طرفان زاري سان سوال ڪيو ويو ٿي ان کان بعد الله تعاليٰ پنهنجي وڏي مهرباني‌ءَ سان جمال جو دريچو انهن جي مٿان کوليو پوءِ ٻانهي مسجد شريف ۾ اچي انهي وڏي نعمت جو شڪرانو بجا آندو.

نقل 52: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ سيد مجذوب، علوي لقب اسان جو عزيز هو، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن حضرت ميان صاحب وٽ اسان جي حويلي مبارڪ ۾ ايندو هو ۽ انکي ڪا شيءِ نذراني طور ڏني ويندي هئي هڪ ڏينهن اسان جي گهر اچي پرديدارن کان هڪ پئسو گهرياٸين. گهر جي ماڻهن ان وقت موجود نہ هئڻ ڪري معذرت ڪئي، پوءِ ان مجذوب سيد چيو تہ هن متيءَ جي پاري ۾ (جيڪو ان جو پريل آهي) هڪ پئسو پيو آهي اهو مون کي آڻي ڏيو پردي وارن کي ياد آيو تہ يقيناً ان ۾ پيل آهي. پوءِ جلدي سيد مجذوب کي آڻي ڏنائون.

نقل 53: هيڪر حضرت پير سائين جن نقل ارشاد فرمايو تہ هڪ دفعي خواجہ محمد بابا سماسي رحمۃ اللہ علیہ بخارا ۾ آيو ۽ فرمايائين تہ بخارا جي فلاڻي محلي مان اسان کي هڪ مرد جي پيدا ٿيڻ جي خوشبوءِ اچي ٿي، جنهن کان سڃي دنيا فيض حاصل ڪندي. ڪجهہ وقت کان پوءِ بخارا ۾ خواجہ بهاءُ الدين نقشبندي جائو پوءِ سيد امير ڪلال رحمۃ اللہ علیہ (جيڪو خواجہ بابا سماسي جو مريد ۽ خليفو هو) چيو تہ اهو مرد پيدا ٿيو آهي. هڪ دفعي خواجہ بهاءُ الدين نقشبندي کي بارائپ ۾ ڪنهن بيماري کان سندس والد سڳورو خواجہ محمد بابا سماسي رحمۃ اللہ علیہ وٽ دعا ڪرائڻ لاءِ وڃي آيو، خواجہ سماسي فرمايو تہ هي ڇوڪرو اهو مرد آهي، جنهن جي خوشبوءِ اسان کي ايندي هئي. اي دوستو! هن جو ديدار ڪريو ۽سعادت حاصل ڪيو.

نقل 54: بهادر فقير نظاماڻي (فيروز نظاماڻي جو وڏو پاءُ ٽنڊي قيصر نظاماڻي جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ٽنڊي مير چام ٽالپر ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ اسان بہ زيارت ڪرڻ لاءِ حضور ۾ حاضر ٿياسون پاڻ ان وقت مثنوي شريف پڙهي رهيا هئا، مون کي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ پير سائين جن جا مريد تمام گهٽا آهن، کي ملڪ قلات ۾ تہ کي ملڪ ڪچ ۽ هالار ۾ ۽ پٽ ڪيترائي عجم ۽ عرب ۾ موجود آهن ۽ پاڻ درگاهہ مبارڪ تي رهائش فرمائين ٿا، اهي وري ڪيئن مڙني جي مدد ڪري سگهندا؟ حالانڪ اسان مريد نہ روزا رکون نہ نماز پڙهون ۽ نہ ڪو خاص ذڪر ۽ فڪر ئي ڪريون ٿا، انهن سيني تي پاڻ ڪيئن رحم فرمائيندا؟ پاڻ ڪريمن مرکي مون ڏانهن چهرو انور ڪري فرمايائون تہ جڏهن ظاهري سج سڃو اپرندو آهي تہ ان وقت ڪوبہ زمين جو اهڙو ذرڙو نہ آهي، جنهن تي ان جي روشني نہ پوندي هجي! تہ پوءِ ڪامل بزرگ جي فيض واري معنوي سج جي روشنائي کان بہ ڪو حصو ڪيئن خالي رهندو؟

نقل 55: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ٽنڊي قيصر نظاماڻي ۾ فيروز نظاماڻيءَ جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، فقير صاحب پير سائين جن کي حويلي ۾ زيارت ڪرائڻ لاءِ وڃي ويو پاڻ ڪريمن اتي وضو ڪري مصلي جي مٿان نفل پڙهيائون ان کان بعد ڪٿ تي تشريف فرما ٿيا تہ غلام محمد نظاماڻي (فيروز فقير جو چاچو) زيارت ڪرڻ لاءِ خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو پاڻ فرمايائون تہ اي غلام محمد اچي ويهہ غلام محمد فقير چوي ٿو تہ مون مصلي تي ويهڻ جو ارادو ڪيو، پر وري يڪدم

دل ۾ خيال آيو تہ هڪ مريد پنهنجي مرشد جي مصلي تي پير ڏنو هو جنهن ڪري پنهنجي پير جي فيض ۽ برڪت کان محروم ٿي ويو هو. منهنجي انهيءَ خيال کي پاڻ ڪريمن معلوم فرمائي، ارشاد فرمايو تہ اسان انهن مشائخن مان نہ آهيون، بلڪ اسان وٽ دل جو ادب ضروري آهي.

نقل 56: هڪ دفعي هي فقير (جامع ملفوظات) ۽ عنايت فقير اوڏيجاڻي ڪالهپور جو رهندڙ (روپاھ جي پرسان) ۽ منهنجو پاڻيجو علي محمد ٽيئي گڏجي درگاھ مبارڪ ڏانهن روانا ٿياسين. علي محمد فقير ظاهري عالمن جو صحبتي هو جنهن ڪري ڳالهيون ڪندو هليو تہ طلب مشڪل آهي ڏسون اها وڏي دولت ڪنهن کي نصيب ٿئي ٿي؟ ۽ لڳي ٿو تہ سڀ تڪليفون بيڪار آهن، فقير کي ان جون ڳالهيون پسند نہ ٿي آيون انجو جواب مون وٽ فقط هي هو:

گر نشايد بدوست ره بردن
شرط عشق است در طلب مردن

(جيڪڏهن دوست تائين پهچڻ جي واٽ ملي نہ سگهي تہ بہ عشق جو شرط آهي تہ ان جي طلب ۾ مرڻ گهرجي)

۽ ٻيو مون چيس تہ پلي، مڃيءَ جو چوڻ اسان جي موافق آهي، جو پلو چوندو آهي تہ: جيڪڏهن سکر وڃي زنده پير رحمۃ اللہ علیہ جي زيارت ڪريان تہ پنهنجي وجود سان تلاءَ پري ڇڏيان![1]

آخر جڏهن درگاھ مبارڪ تي پهتاسون، تہ پير سائين جن باغيچي ۾ موجود هئا، اتي سندن زيارت ڪئي سون، پاڻ خير عافيت بعد علي محمد فقير کي فرمايائون تہ اڳين مشائخن مان ڪن بزرگن فرمايو تہ ڇار اڇلايو سين پر خالي نڪتو ڪن بزرگن چيو تہ اسان جي ڇار ۾ فقط ننڍڙيون مڃيون ڦاٽيون آهن، ۽ ڪن چيو تہ اسان جي ڇار ۾ هڪ وڏي مڃي ڦاٽي آهي باقي ائين ڪنهن گهٽ چيو آهي تہ منهنجي ڇار ۾ بہ وڏيون مڃيون ڦاٽيون آهن: اَلنَّادِرُ كَالْمَعْدُوْمِ! (گهٽ نہ هجڻ جي مثال هوندو آهي!)

نقل 57: خليفو محمد صالح نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي درگاھ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن

---

[1] پلو مڃي، سمنڊ ۽ کاري واھڻ جي پيداوار آهي پلو آبڪلاڻي جي موسم ۾، يا ڪنهن درياھ جي سمنڊ ۾ ڇوڙ سبب ان پاڻي ذريعي ڪنهن تلاءَ يا درياھ ۾ ايندو آهي. پلو اوپارو وڃڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي ۽ ان طرح خوراڪ کان وڌيڪ متارو ۽ ماس وارو ٿيندو آهي. اتر سنڌ ۾ مشهور آهي تہ: پلو سمنڊ مان اوپارو نڪري، سکر ڏانهن حضرت "زنده پير" رحمۃ اللہ علیہ جي زيارت لاءِ ايندو هو مگر بيراجون ٽهڻ بعد ان جو اچڻ بند ٿي ويو. جناب محمد بخش ميراڻي (وينل بچل شاھ ميراڻي عمر انداز نوي سال) هن ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ واقعي پلو حضرت زنده پير رحمۃ اللہ علیہ جي زيارت لاءِ ايندو هو سکر بيراج کان اڳ هتان درياھ مان تمام گهٽا پلا مرندا هئا (ف،ق،ع)

جي حضور ۾ حاضر هيس، پاڻ ٻپهري نماز ڪانپوءِ جماعت کي فرمايائون تہ اتر طرف کان هڪ مصيبت پيدا ٿي جيڪا اسان جي مسجد شريف جي پويان لنگهي وڃي ڪ ۾ هالار ۾ دهشتناڪ آواز سان لٿي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪ هالار ۾ ڏاڍو سخت ڏڪر پيو جنهن ڪري اتان جا ماڻهو بک وگهي مرڻ لڳا، ۽ ٻيا اچي سنڌ ۾ ملڪ ۾ وڪامڻ لڳا. سنڌ ۾ اهي ماڻهو جن جي ابن ڏاڏن وٽ بہ غلام نہ هئا، اهي بہ غلامن جا مالڪ ٿي ويا.

نقل 58: مولیڈنو فقير پليجو (نصرپور جي پرسان رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هيس پاڻ بورچي خانہ جي خدمتگار واحد ڏني کي ڪنهن ڪم جو ارشاد فرمايائون. واحد ڏني عرض ڪيو تہ حضرتا! بيمار آهيان، پاڻ فرمايائون تہ ويجهو ٿيءُ، جڏهن ويجهو ٿيو، تڏهن پاڻ ڪريمن کيس ڇيٹو وجهي فرمايو تہ هاڻي طبيعت ڪيئن آهي؟ عرض ڪيائين تہ حضرتا! هاڻ اوهان جي مبارڪ ڇيٹي ڪري چاڪ ٿي ويو آهيان. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هاڻي وڃي مهمانن جي ڪم ۾ مشغول ٿيءُ! مون کي بہ انهن ڏينهن ۾ بيماري هئي، جنهن ڪري دل ۾ خيال ڪيم تہ ان جي ڇوٽڪاري جو عرض ڪريان. پاڻ ان وقت ئي فرمايائون تہ مريد مرشد جي حضور ۾ حق جو طالب هوندو آهي، ۽ جي ڪنهن دنياوي ڪم جي پوري ٿيڻ لاءِ يا ڪنهن مرض جي ڇوٽڪاري لاءِ عرض ڪندو تہ ڇوٽڪارو ضرورت ٿيندس، پر باطني فيض کان محروم رهندو.

نقل 59: خليفو ميان اميد علي، محمد خان نظاماڻي کان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ جيڪو مسجد شريف ۾ ويهي، مسجد جي ڪکن سان دست اندازي (راند) ڪندو اهو ڇڪ شيطان جي تسبيح هٿ ۾ رکي ٿو ان کان پوءِ اتفاقًا هڪ ڏينهن درگاهہ مبارڪ تي پير سائين جن مسجد شريف جي پٽر مان، هڪ ڪک هٿ ۾ کنيو تہ مون کي دل ۾ سندن ارشاد ياد اچي ويو پاڻ بروقت ڪک کي هٿان ڦٽو ڪري فرمايائون تہ مريد کي گهرجي تہ دل جي دامن کي غلط خيالن جي پليتي کان پاڪ رکي.

نقل 60: هڪ ڏينهن آئون حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ درگاهہ مبارڪ تي حاضر هيس ايتري ۾ هڪ شخص (ذات جو ڪيريو مائي سڄڻ جو سوٽ) ڪنهن دولت مند ڏانهن سفارشي خط ونڻ لاءِ اچي حضور ۾ وينو غيب ۽ ظاهر جي واقف حضرت مرشد ڪريم، بروقت ئي فرمايو تہ غير خدا جي بند ٿيل دروازي تي جيڪي خود محتاج آهن، ڇا لاءِ ڪِرو ۽ اچو ٿا؟ قادر ڪريم مهربان ڏيندڙ جو دروازو هميشہ ڪليو پيو آهي ان دروازي تي ڇو نٿا اچو؟

نقل 61: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن درگاهہ مبارڪ جي مسجد شريف ۾ جلوه افروز هئا ۽ مثنوي شريف مان هڪ نقل ارشاد فرمايائون تہ حضرت سليمان هڪ ڏينهن مسجد اقصيٰ ۾ هڪ ٻوٽو ڏٺو، جنهن کي اڳي ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هئائين، ان کان پڇيائين

ڪنڊريه پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تہ تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ ڪهڙو اثر رکين ٿو ۽ ان ٻوٽي ڇيو تہ منهنجو نالو "الخروب" آهي ۽ منهنجو اثر هي آهي تہ جتي مون کي اپاريندا آهن تہ اها جاءِ ويران ۽ برباد ٿيندي آهي حضرت سليمان اها ڳالهہ ٻڌي حيران ٿي ويو. ايتري ۾ الله تعاليٰ جو حڪم آيو تہ اها تنهنجي عمر جي پورائي آهي پوءِ پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ اهو "الخروب" اسان جي مسجد شريف ۾ بہ ڦٽو آهي، ان کان پوءِ ڪجهہ ساعت مان ڪري، مثنوي شريف کي بند ڪري پاڻ اٿيا ۽ انهيءَ بيماريءَ ۾ وصال کي اختيار فرمايائون.

نقل 62: محمد خان نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن هڪ قبرستان (جيڪو ڪوٽ شاهہ جي پرسان هو) کان لنگهيا، پاڻ سواري مبارڪ کي گهڙي ساعت بيهاري، قبرن وارن کي ختمو بخشيائون ۽ روانا ٿيا، فقيرن مان هڪڙي عرض ڪيو تہ حضرتا! هتي بيهڻ ۽ ختمي شريف جي بخشڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ پاڻ فرمايائون تہ هن قبرستان ۾ هڪ نظاماڻي اسان جو مريد خدائي ڏوراپي هيٺ اچي ويو هو جنهن کي ڇڏايوسون. محمد خان چوي ٿو تہ جڏهن اتان پڇا ڪئي سون، تڏهن معلوم ٿيو تہ واقعي هن تہ مقام ۾ هڪ نظاماڻي فقير دفن ڪيل آهي.

نقل 63: پريو فقير رنگريز پلياه جو رهندڙ (ديهہ چاچڪن جي پرسان) نقل ڪري ٿو تہ آئون هڪ دفعي درگاهہ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ اچي حاضر ٿيس دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ مريد جو پير جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ پنهنجي ڪوشش سان آهي يا پير جي ڪشش سان؟ ايتري ۾ غيب جي واقف حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ مريد مڇيءَ وانگر آهي ۽ پير مڇي ڦاسائيندڙ وانگر آهي، مڇي ڦاسائيندڙ جڏهن لوهہ جي ڪنڊيءَ ۾ ڪاڏو رکي پاڻيءَ ۾ وجهي ٿو تڏهن مڇي اچي ان ڪاڏي کي ڪائي ٿي ان وقت ڏنگي ڪنڊي مڇيءَ جي وات ۾ ڦاسي پوي ٿي، پوءِ مڇيءَ جو پاڻي کان ٻاهر اچڻ مڇي ڦاسائيندڙ جي اختيار سان آهي، ڇوتہ ڪنڊي جي رسي ان جي هٿ ۾ آهي مريد جو پير جي خدمت ۾ اچڻ انهيءَ مثال وانگر آهي، ڇو تہ رابطي جي رسي ان جي دل ۾ مضبوط ٻيل آهي، پوءِ جڏهن پير پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو تہ بي اختيار پير جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿئي ٿو پوءِ هي سنڌي بيت زبان مبارڪ سان پڙهيائون:

ساهڙ ٻڌي سهڻي کي ڏور اندر ڏاهي
جي ساوينو ساهي تہ ڪاهيو ڪنن ۾ پوي!

نقل 64: هڪ دفعي هڪ شخص کي فقيرن زبردستي تلقين ونڻ ۽ مريد ٿيڻ لاءِ حضرت پير سائين جن جي اڳيان حاضر ڪيو، اگرچہ ان جي دل ٻڌل نہ هئي، پر خواہ مخواہ ميڙيو پيس، جڏهن پير سائين جن کي ويجهو اچي وينو تڏهن ان جي دل ۾: يا حيدر شاهہ رس! جو جملو گذريو پوءِ پاڻ ڪريمن ان جي هٿ کي پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ ونڻ فرمايو تہ اي يار منهنجو هٿ وٺ هڪ حيدر شاهہ

ڪنديره پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مان بہ آهيان پوءِ اهو شخص سچي دل سان مريد ۽ معتقد ٿي پيو.

نقل 65: ڪنگهار فقير نهڙيو ڪليان مڪان جو رهندڙ (اهو مڪان ريگستان ۾ آهي) محرم فقير سيال ڪان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي قلات جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن ڪي عرض ڪيم تہ حضرتا! سڏا تورو نالي ڪوري ترڪ ڪيو اٿس پاڻ ڪريم ان وقت وضو فرمائي رهيا هئا ان ڪري ڪوبہ جواب ڪو نہ ڏيڻ فرمايائون وضوءَ ڪانپوءِ فرمايائون تہ ڪميٽي ماڻهو ڪي خدا حاصل نٿو ٿئي، ڪنگهار فقير خود چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن اسان جو انهيءَ اٽندڙ شخص جي ڳوٺ ڪان گذر ٿيو اسان هن ڪي درگاهہ مبارڪ جي واٽ ڏسڻ لاءِ گهرايو پر هو نہ آيو ۽ پنهنجي اٽڻ جي ڪم ۾ مشغول رهيو. ٻئي همراهہ اچي اسان ڪي واٽ ڏيڪاري ٻين ڪيترن فقيرن بہ چيو تہ اهو ڪوري، درگاهہ مبارڪ جي ڪنهن بہ مريد جي ڪابہ مدد نہ ڪندو آهي.

نقل 66: رمضان فقير سهتو نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ٽر جي سفر دوران، مڪان اوجهري ۾ لهڻ فرمايو هي فقير بہ همرڪاب هو اتفاقًا هڪ سيد سڳوري (جيڪو حضرت جن جو مريد هو ۽ ٽنڊي ميرچام جو رهندڙ هو) جي تلوار گم ٿي ويئي فقيرن ان ڪي چيو تہ جي منائي ڪارائين تہ تلوار لڀي پوي ٿي، ان سيد چيو تہ بہ پئسا ڏيان ٿو، فقيرن چيو اڃان زياده ڏي پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ ڳاڙهو ٽڪو ڏيندو، ان ڪان پوءِ سيد ڪي فرمايائون تہ پنهنجي دل جي محراب ۾ ڏس تہ شايد تنهنجي تلوار پيدا ٿي پوي (يعني لڀي پوندي) حالانڪ فقيرن بہ مسجد شريف جي محراب ۾ تلوار لڪائي هئي پر پير سائين جن جو ڪلام ڪنهن ڪي بہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو آخر ڪار فقيرن تلوار مسجد شريف جي محراب مان ڪڍي اچي سيد صاحب ڪي ڏني.

نقل 67: فقير غازي خال تالپر (نري جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن ملڪ قلات ۾ نيچاره جي جاءِ ڪان واٽ ونيو، حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ پي هلياسين، اها واٽ تمام تنگ هئي ۽ ٻنهي طرفن ڪان جبل هئا، جنهن ڪري سڄي جماعت گڏ ٿي هلي مون خيال ڪيو تہ فقيرن ڪان اڳ ۾ نڪري هلان، ان ڪري فقيرن ڪي پاسا هٽندو تمام تڪڙو هلندو ٿي ويس گهٽي تڪڙ ڪان منهنجو گوڏو پٿرن ڪان ڦٽجي پيو ۽ ڏاڍو ڏکويو، پر اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪيم هر حال ڪان واقف پاڻ ڪريمن مون ڪي فرمايو ٻي ڀيري تڪڙ اصل نہ ڪجانءِ ۽ ان ڪم ڪان توبہ ڪر عرض ڪيم تہ حضرتا! توبہ ڪيم:

جام جہان نما است ضمير منير دوست
اظهار احتياج خود آنچاچہ حاجت است

(يار جي روشن دل دنيا ڏيڪارينڊڙ، پيالو آهي پلا اتي حقيقت حال ظاهر ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي)

نقل 68: خدابخش فقير ٽالپر نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي فقيرن جون دعوتون قبول فرمايائون ۽ پاڻ لاڙ ڏانهن روانا ٿيا، سندن تشريف آٽڻ جو آواز نصرپور جي پرسان ٻڌڻ ۾ آيو.انهن ڏينهن ۾ اوچتي موت واري بيماري، سنڌ ملڪ ۾ تمام گهٽي اچي ويئي هئي جنهن ڪري منهنجو والد مون کي ۽ منهنجي پاءُ کي ساڻ ڪري حضور شريف ڏانهن روانو ٿيو نصرپور ۾ اسان ٽيئي زيارت کان مشرف ٿياسين ۽ پاڻ ڪريمن مرڪي منهنجي پيءُ کي فرمايو ته متان اوچتي موت کان ڊڄي آيا آهيو؟ منهنجي والد عرض ڪيو ته حضرتا! ڏاڍو ڊڄان ٿو اوهان جي مبارڪ توجه کانسواءِ ڪوبه سهارو اسان ضعيفن جو نه آهي، ايتري ۾ شيخ محمود ٽنڊي مير الهيار جو (جيڪو پير سائين جن جي پڪن مريدن مان هو) حضور ۾ حاضر ٿيو پاڻ شيخ سان مزاح ڪندي فرمايائون ته اڄ لڏ پلاڻ وارن ۾ به ٽي گڏهيون ڏٺيون سون، اسان سمجهيو ته شيخ محمود آهي، جيڪو اوچتي موت کان ڊڄي شهر کان ٻاهر وڃي رهيو آهي. هن ويچاري عرض ڪيو ته آئون ايان پنهنجي جاءِ تي وينو آهيان، پاڻ ڪريمن جي مبارڪ ڪلام جي عجيب سچائي جو شيخ مذڪور ٿورن ڏينهن بعد اوچتي موت جي خوف کان شهر مان لڏي به ٽي ڪوهه ٻاهر وڃي سڪونت ڪئي.

نقل 69: غلام محمد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي خليفو ميان صاحبڏنو حضرت پير سائين جن سان سفر ۾ همر ڪاب هو، آئون خليفي صاحب کي دعوت ڪري، پنهنجي ڳوٺ ۾ وٺي آيس ۽ اتي پنهنجي عزيزن جي مقام ۾ دعا ڪرائڻ لاءِ ان کي وٺي ويس. خليفي صاحب اتي پهچي مراقبو ڪيو ۽ چيائين ته هن قبرستان ۾ سڀ مخدوم ميان ابراهيم ٺٽوي جا مريد آهن فقط هڪ قبر وارو جناب ميان صفي الله نقشبند ي رحمۃ اللہ علیہ جو مريد آهي، جنهن جي قبر جي نشان دهي به ڪيائين ۽ چيائين ته اهي سڀ فرحت ۽ آرام ۾ آهن، ان کان پوءِ اٿي چيائين ته اڄ فقير سليمان نظاماڻي جي قبر جي زيارت ڪريون پوءِ ان قبر وٽ پهچي ويهڻ شرط عبرت ۽ حيرت جي آواز سان ٽڏو ساه ڪڍي چيائين ته سليمان ايان مولا پاڪ جي طلب ۾ نامرادي سان وڃي رهيو آهي.

نقل 70: فيروز فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته قلات جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن قلات شهر ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، سياري جي موسم جي ڪري، پاڻ ڪريمن جي لاءِ آرام واسطي بن ڪوٺين جي اندر، هڪ ڪوٺي ۾ مقرر ڪيائون پاڻ سڳورن جي عادت مبارڪ هوندي هئي ته سياري جي موسم ۾ باهه تي نه ويهندا هئا، ۽ نه وري حضور ۾ باهه ٻاريندا هئا فقط رات جو ڏيئو ٻارائيندا هئا، جنهن کي تهجد ڪانپوءِ وسارائي ڇڏيندا هئا، ان رات فقير ابوبڪر قوال جيڪو پير سائين جن جو خاص مريد هو. سخت بيمار ٿي پيو ۽ حياتي کان نا اميد ٿي تهجد جي وقت مون کي گهرائي چيائين ته پاڻ ڪريمن کي عرض ڪر ته حضرتا! جيڪڏهن صبح سان اوهان جي روانگي کان اڳي وفات ڪري وڃان ته رحم فرمائي ڪجهه وقت رهي، مون کي دفن ڪرائي ابدي حياتي بخشي پوءِ روانگي فرمائجو ۽ پوين سان اهڙي عنايت فرمائجو جهڙي هن مسڪين ضعيف تي فرمائيندا هئا. جيڪڏهن قسمت سان هتان

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪڏهن لنگهڻ ٿئي تہ هن مسڪين جي قبر تي تشريف آڻي ممنون فرمائيندا، انهي پيغام ٻڌڻ ڪانپوءِ آئون پير سائين جن وٽ حاضر ٿيس، پاڻ سڳورن ڏيئو وسائي ڇڏيو هو، جنهن ڪري ڪاب خبر ڪانہ ٿي پئي تہ ڪهڙي جاءِ تي ذڪر ۾ مشغول آهن. پوءِ ڪوٺي جي دروازي تي ويهي سندن آواز ٻڌڻ جو انتظار ڪيم پر ڪوب آواز ٻڌڻ ۾ نہ آيو، ڪجهہ دير بعد پاڻ ازخود مون کي ارشاد فرمايائون تہ اي فلاڻا جيڪڏهن ڪو پيغام آندو اٿئي تہ ٻڌاءِ. پوءِ مون سڄو عرض ڪري ٻڌايو. پاڻ جواب ۾ ارشاد فرمايائون تہ ابوبڪر کي تسلي ڏي تہ تون چگو پلو ٿيندين ۽ اسان سان گڏجي پنهنجي وطن ۾ پنهنجي عزيزن سان ملاقي ٿيندين ۽ پي زال ب نڪاح ۾ آڻيندين. صبح جو ابوبڪر فقير جماعت سان گڏ هليو ۽ پاڻ ڪريمن جي مبارڪ ڪلام مطابق ڳوٺ موتي اچي پي شادي ب ڪيائين.

نقل 71: فقير فتح محمد نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي درگاهہ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي پويان جمعي نماز ٿي پڙهيم، منهنجي گهوڙي کي هڪ زخم هو، جنهن کي هر روز ڏوئيندو هيس، ان ڏينهن ڏوئڻ وسري ويو، جنهن ڪري نماز پڙهڻ وقت دل ۾ اچي خيال پيو تہ اڄ زخم کي نہ ڏوتو اٿم. پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن نصيحت ۽ وعظ لاءِ ممبر تي تشريف فرما ٿيا ۽ اها سندن اڳئي عادت مبارڪ هئي، جو جمعہ نماز کان پوءِ نصيحت فرمائيندا هئا، وعظ وقت فرمايائون تہ نماز خيال واري جي خيال پرستي آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي گهوڙو هجي ۽ ان جو خيال نماز ۾ اچي وڃي تہ اهو پنهنجي گهوڙي جي خيال کي پوڄي ٿو نہ نماز پڙهي ٿو جيئن ڪافر بت پوڄيندا هئا، هي ب اوئين آهي ۽ الله تعاليٰ کي پوڄيندڙ ڪونہ آهي. پير سائين جن جي هي ڪلام ٻڌڻ بعد (جيڪو هن فقير جي متعلق هو) طبيعت ۾ خيال آيو تہ نماز ڪجهہ نہ آهي فقط خيال آهي، هاڻي هن ڪانپوءِ ادا نہ ڪندس هن وهم پوڻ شرط فرمايائون تہ اگرچہ اسان جي نماز خيال آهي ۽ بت پرستي آهي، پر حضور ﷺ جن جي مشابهت ۽ متابعت نہ ڇڏڻي آهي. جيئن حضرت موسيٰ جي زماني ۾، هڪ مسخرو شخص، مسخري طور، حضرت موسيٰ سان مشابهت ڪندو هو، ان کي الله تعاليٰ فرعون ۽ ان جي لشڪر جي غرق ٿيڻ وقت، امان ڏيئي بچائي ڇڏيو هو.

باب يارهون

هن ۾ چار فصل آهن:

فصل پهريون
الله تعاليٰ جو ديدار

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ديدار الاهيءَ جي متعلق ارشاد فرمايائون تہ مؤمن، مسلمان، ڪافر ۽ منافق کي بہ ديدار خدائي ٿيندو. هن طرح سان تہ مؤمن هن جهان ۾ الله تعاليٰ کي محبوب ۽ مطلوب سمجهي ان جا حڪم بجا آڻن ٿا ۽ اهو فقط الله تعاليٰ جي ديدار لاءِ ڪن ٿا ۽ ڪافر منافق نفس جو حڪم مڃي الله تعاليٰ جي حڪم کان منهن موڙين ٿا ۽ پاڻ کي گمراهي ۾ سٽين ٿا پوءِ جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو، مؤمن ۽ ڪافر اچي ميدان محشر ۾ حاضر ٿيندا، مؤمن الله تعاليٰ جي ديدار لاءِ اهڙا مشتاق هوندا جڏڪ اجو پاڻي تي اچي پهتو آهي، ۽ ڪافر حيراني ۽ پريشاني ۾ ٻڏل هوندا ۽ الله تعاليٰ جي ديدار کان اهڙا ڏڃندا جيئن مجرم بادشاه جي اڳيان حاضر ٿيڻ کان ڏڃندو آهي ۽ بادشاه جي حضوري جيڪا هڪ وڏي نعمت آهي ان کي بہ مصيبت سمجهندو آهي، اهڙي نموني سان ڪافر ۽ منافقن کي ديدار ٿيندو ۽ مسلمانن مؤمنن کي مٿين نموني سان ديدار نصيب ٿيندو. ٻنهي ٽولن جي ديدار ڪرڻ جو اهو طريقو آهي.

نقل 2: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن پهرين دفعي مؤمن جي مٿان تجلي فرمائيندو ان وقت جن دنيا ۾ حقيقت جو مشاهدو ڪيو هوندو، اهي سجدي ۾ ڪري پوندا ۽ اتي سڃاڻندا، هي عارف جو حال آهي:

بهر رنگے کہ خواهی جامہ می پوش
کہ من آن جلوہ قدرامی شناسم

(جنهن بہ رنگ جا ڪپڑا ڏيکيندين پيو پاءِ، آئون ان قد جو جلوو ئي سڃاڻندو آهيان)

جيئن تہ عالم، صالح، عابد، زاهد ۽ ٻيا مسلمان ان تجلي سان سجدو نہ ڪندا، اگرچہ الله تعاليٰ بار بار تجلي فرمائيندو! ان کان پوءِ پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو تہ مون ڪتابن ۾ ڏٺو آهي ۽ پڪ ٻڌو آهي تہ پوءِ الله تعاليٰ انهن جي طاقت موافق تجلي فرمائيندو تہ ان کان پوءِ سجدي ۾ ڪري پوندا پير سائين

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جن حديث شريف مان هي بہ بيان فرمايائون تہ جهان ۾ هڪ جماعت نيڪ بانهن جي اهڙي آهي، جو ڪڏهن بہ پنهنجي سڄي عمر ۾ دنيا سان مشغول نہ ٿي آهي ۽ نہ الله تعاليٰ کان آخرت جون مرادون گهريون اٿس جڏهن آخرت ۾ الله تعاليٰ ان جماعت کي بهشت ۾ داخل ٿيڻ جو حڪم فرمائيندو تہ ان وقت هو سواءِ ديدار خداوندي جي انڪار بي هر شي جو ڪندا ان کان پوءِ الله تعاليٰ فرشتن کي فرمائيندو تہ هنن کي زنجير وجهي زور سان جنت ۾ وجهو پوءِ فرشتا بنا دير الله تعاليٰ جي حڪم سان زنجيرن ۾ جڪڑي زبردستي کين جنت ۾ داخل ڪندا:

جنت نروم تارخ زيبا تو نہ بينم
فردوس چہ کار آيد گر يار نباشد

(جيستائين سهڻو منهن تنهنجو نہ ڏسندس جنت ۾ نہ ويندس، فردوس کهڙي ڪم جو جڏهن يار ان ۾ نہ هجي.)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٻيون

الله تعاليٰ جي معرفت

نقل 1: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ جيڪڏهن حال جو صاحب، ڪنهن وات تان ويندي، وات تي ويڻل ڪتي کي اڌاري پاڻ اتان لنگهيو تہ ان جي حالت قبض (بند) ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن قبض نہ ٿي تہ اها حالت نہ آهي بلڪ استدراج آهي.

نقل 2: هڪ ڏينهن مون(جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! اڄ مون کي هي ٻہ لفظ غيب کان القا ٿيا آهن هڪ هي تہ "خدا را بخود ديداه ام" يعني خدا کي پاڻ سان ڏٺو اٿم ٻيو هي تہ "خود را بخدا خود ديده ام" يعني پاڻ کي پنهنجي خدا سان ڏٺو اٿم. پاڻ ڪريمن جواب ارشاد فرمايو تہ هي ٻئي لفظ حديث شريف جي موافق آهن: عَرَفْتُ رَبِّيْ بِرَبِّيْ يعني پنهنجي رب کي پنهنجي رب سان سڃاتم پير سائين جن ارشاد فرمايوتہ طالب کي گهرجي تہ غير جي ڪثرت کان بلڪل نظر ڪٽي وحدت تي ستي جيئن هڪ بزرگ فرمايو آهي:

بهر رنگے کہ خواهی جامہ می پوش
کہ من آن جلوہ قدرامی شناسم

(جنهن ٻہ رنگ جا ڪپڑا ڍڪين ٿو، مان ان قد جي جلوي کي ئي سڃاڻان ٿو!).

نقل 3: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن هي آيت: "اَحْسِنْ كَمَآ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ" (سورة القصص: آيت ٧٧) تلاوت ڪري فرمايو تہ ظاهر وارا هن آيت سڳوري جي معني ڪن ٿا تہ: پنهنجي خدا تعاليٰ سان اهڙو احسان ڪر، جهڙو توتي الله تعاليٰ احسان ڪيو آهي يعني توکي الله تعاليٰ علم عقل تندرستي عضون جي سلامتي ۽ اهڙيون ٻيون حد کان ٻاهر نعمتون عطا فرمايون آهن، اهڙي طرح تون ٻہ ان جون سڀئي عبادتون ۽ فرمانبرداريون بجا آڻ ۽ باطن وارن هيئن فرمايو آهي تہ الله تعالیٰ جو اهو احسان آهي، جو توکي عدم مان ظاهر ڪيائين ۽ پاڻ کي لکايائين ۽ تنهنجو احسان اهو آهي تہ پاڻ کي نفي ڪري، حق کي ثابت ڪر ۽ حق ڪامل جو اثبات عرفان کان سواءِ نہ ٿيندو يعني عرفان حاصل ڪر.

نقل 4: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن کي شڪارپور جي سفر ۾ عرض ڪيم تہ حضرتا ڇا عارف جي هڪ رکعت سان سڀني جهانن وارن جي سڄي عبادت برابر آهي؟ جواب ارشاد فرمايائون تہ ائين نہ آهي، بلڪ عارف جو هڪ دم (ساهہ) سڄي جهان وارن جي سڀني عبادتن کان بهتر آهي ۽ فرمايائون تہ عارف جو دم هن ڪري شرف وارو آهي جو هو هر وقت حق تعاليٰ جو مشاهدو ڪندو رهندو آهي!

نقل 5: هيڪر حضرت پير سائين جن نقل ارشاد فرمايو تہ هڪ ڏنار ڏين ۾ هڪ شينهن جي ٻچي کي پاليو هو جڏهن اهو ٻچو وڏو ٿيو ۽ ڏين جي ڏڻ سان گڏ رهيو تہ ان وقت هڪ ٻيو نر شينهن ڏين ۾ آيو ۽ ڏين واري شينهن کي چيائين تہ تون شينهن ٿي ڏين ۾ ڇا لاءِ رهين ٿو؟ هن ان کي جواب ڏنو تہ آئون شينهن نہ بلڪ گهٽو آهيان جهنگلي شينهن چيو تہ آئون پنهنجي ٻچ سان ٺڪاءَ ڪيان ٿو، تون بہ پنهنجي ٻچ سان ٺڪاءُ ڪر. جيڪڏهن مون جهڙو ٺڪاءُ ڪيئي تہ تون شينهن آهين، جي نہ تہ پوءِ گهٽو آهين. ان کان پوءِ پهريائين جهنگلي شينهن ٻچ سان ٺڪاءَ ڪيو پوءِ ڏين واري شينهن بہ ٻچ سان ٺڪاءُ ڪيو، ۽ ٻئي آواز ۾ برابر ٽيا. ان وقت جهنگلي شينهن چيو تہ ڏس تون شينهن آهين، مگر هن جواب ڏنو تہ آئون شينهن نہ بلڪ گهيٽو آهيان. وري ٻيهر جهنگلي شينهن چيو اڇ تہ ٽپا ڏيون ٿا، پوءِ پاڻ ۾ ٽپا ڏنائون، جڏهن ٽپن ۾ هڪ جهڙا ٽيا، تنهن تي جهنگلي شينهن چيس ڏس تون مون جهڙو شينهن آهين، پر هن وري بہ جواب ڏنو تہ نہ آئون گهيٽو آهيان. آخر جهنگلي شينهن چيو تہ آئون گروڙ ڪيان ٿو، تون بہ ڪر، جي تنهنجي گروڙ مون جهڙي هوندي تہ تون شينهن آهين جي نہ تہ گهيٽو آهين. پوءِ پهريائين جهنگلي شينهن گروڙ ڪئي، ان کان بعد ڏين واري شينهن بہ ان جهڙي گروڙ ڪيائين، جنهن ڪري ڏيون ٻڇڙ لڳيون. تڏهن يقين ٿيس تہ آئون شينهن آهيان ان کان پوءِ ٻنهي شينهن، انهن ڏين مان هڪ هڪ ڏڍ ڪٽي جهنگل ۾ هليا ويا.

اي عزيز! هي مثال منتهي ڪامل ۽ مبتدي ناقص (طالب) جو آهي، ناقص پاڻ کي پنهنجي نقص کان ڏين واري شينهن وانگر سمجهي، حرص ۽ هوا جي گپ ۾ چوپاين وانگر ٻيل آهي جيئن " أُولَٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ " (سورة الاعراف: آيت ۱۷۹) يعني اهي چوپاين وانگر آهن) واري آيت ڇڙ تہ انهن جي شان ۾ لٿي آهي پوءِ ڪامل سان رابطي ملائڻ بعد ڪامل ان کي درجي بدرجي جهنگلي شينهن وانگر نفس جي سڃاڻ ڪرائي ٿو پوءِ "مَنْ عَرَفَ نَفْسَهُ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهُ" (جنهن نفس کي سڃاتو، ڇڪ ان پنهنجي رب کي سڃاتو) مطابق پاڻ کي پاڻ سڃاڻي ٿو.

نقل 6: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ (جو اڃان حالت سڪر جو بار مون مٿان موجود هو) عرض ڪيم تہ حضرتا! ڇا سالڪ جي مٿان جيڪي نماز جا وقت، حالت غفلت ۾ فوت ٿي ويا، انهن جي قضا آهي يا نہ؟ پاڻ جواب ۾ ارشاد فرمايائون تہ قضا آهي پوءِ مون عرض ڪيو تہ

حضرتا! غفلت جي حالت ۾ هو پاڻ کان بہ غافل هوندو آهي ۽ پنهنجي معرفت ۾ پاڻ عارف آهي، پوءِ ان تي قضا ڪيئن لازم ٿيندي؟ انهيءَ تي تمام گهٽي گفتگو هلي. آخر پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو تہ مرد ٻين جو بار بہ پنهنجي مٿي تي کڻندا آهن، اهي پنهنجي بار کي ڪيئن ڇڏيندا.

نقل 7: هڪ ڏينهن درگاهہ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن کي عرض ڪيم تہ حضرتا! جڏهن قبض ٿيندو آهي، ان وقت پٽر يا جهان مان کا بي صورت، هڪ ڏيڪاريل نٿي ٿئي ۽ ان گهڙي اصل حال ۾ پهچجي ٿو! پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت نبي ڪريم جن هي مرتبو الله تعاليٰ کان گهريو آهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ "اَللّٰهُمَّ اَرِنَا الْاَشْيَاءَ كَمَا هِيَ" اي الله تعاليٰ مون کي شين جي اصل صورت ۽ حقيقت جو مشاهدو ڪراءِ:

این است کمال مرد راه یقین
در هرچه نظر کند خدارا بیند

(يقين واري مرد جو هي ڪمال آهي جو جنهن ۾ هو نظر ڪري تہ الله تعاليٰ کي ڏسي)

نقل 8: رمضان فقير نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري حضرت پير سائين جن ڪنهن سفر ۾ هئا ۽ هڪ شخص وات جي واقف کي پاڻ سان گڏ ڪنيائون، پوءِ وات ۾ ان کان پڇيائون تہ تون وات سڃاڻندڙ آهين؟ هن عرض ڪيو تہ حضرتا! وات سڃاڻندڙ تہ توهان آهيو پاڻ ڪريمن فرمايو تہ برپٽ جي وات تون سڃاڻندڙ آهين ۽ الله تعاليٰ جي وات آئون سڃاڻندڙ آهيان.

نقل 9: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي درگاهہ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هيس پاڻ ارشاد فرمايائون تہ هن کان اڳ سمجهيو ويندو هو تہ ٻڇڙي ڪم جي ٻڇڙائي نظر اچڻ، شايد حالتن جي نقص کان آهي، پر هن وقت الله تعاليٰ ڄاڻايو تہ هي حال جي نقص کان نہ آهي. ڇو تہ ٻڇڙي ڪم جو پيدا ٿيڻ گناهہ آهي ۽ گناهہ بالفعل واقع ٿيڻ کان اڳ بہ ٻڇڙو آهي ۽ بالقوة ڇگو ڪم ۽ ٻڇڙو ڪم ٻئي الله تعاليٰ جي قديم علم ۾ برابر آهن ۽ سالڪ جي نظر ۾ بہ ٻئي انهيءَ طريقي سان آهن سو ٻڇڙو ڪم ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ظاهر گناهہ آهي ۽ گناهہ کي ٻڇڙو سمجهڻ حال جو نقص نہ آهي.

نقل 10: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ شخص کي پٽ ڄمندو هو ۽ ٿورن ڏينهن بعد وفات ڪري ويندو هو، پر هن شخص کي کڏهن بہ غم يا جدائي محسوس نہ ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن سندس زال اعتراض ڪري طعنو هٽي چيس تہ اي سخت دل! اسان پاتين جي اميد ختم ڪري ڇڏي اٿئي، جو هيترا پيارا پٽ وفات ڪري ويئي پر توکي کڏهن بہ انهن جي جدائي تي هڪ لڙڪ بہ نہ آيو ۽ تنهنجي سخت طبيعت تي عجب آهي پوءِ تون قيامت ۾ اسان کي ڪيئن ياد ڪندين؟

هن خوش ٿي جواب ڏنو ته غم ۾ ڏک ان کي ٿيندو، جنهن جا پٽ مري وڃن منهنجا پٽ ته هر وقت جيئرن وانگر منهنجي پرسان وينا آهن ۽ انهن جو اٿڻ ويهڻ منهنجي نظر ۾ جيئرن وانگي آهي.

نقل 11: سيد موليڏنو شاه نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن مڪان ڏنبڪ ۾ (نوشهره جي پرسان) ڪٽ تي جلوه افروز هئا، آئون به جماعت سان گڏ حضور ۾ حاضر هيس ته عرضي فقير ڪٽياڻ (جيڪو پاڻ ڪريمن جو مريد هو) سو آيو جماعت گهٽي هجڻ ڪري پي جاءِ نه مليس آخر منهنجي گوڏي تي ويهي رهيو فقير تمام ٿلهو هو، جنهن ڪري مون تي تمام ڳرو بار اچي ويو، اها حقيقت پاڻ سڳورن کي معلوم ٿي ويئي پاڻ فرمايائون ته خدا جي طالب مٽان جيڪڏهن آسمان به ڪري پوي تڏهن به اهو آهه نه ڪيڏي:

اگر زکوه فروافتد آسيا سنگے
نه عارفست که از راه سنگ هر خيزد

(جيڪڏهن جبل مان جند جيترو ٽڪر ڪري پوي ته، عارف اهو نه آهي جيڪو پٿر جي وات کان اٿي وڃي)

پير سائين جن ارشاد فرمايو ته عارف اهو آهي، جو مٿس مصيبت اچي ته اها حق کان سمجهي لطف اندوز ٿئي ۽ معترف اهو آهي جيڪڏهن هن دنيا ۾ ڪنهن کان ايذاءُ پهچيس ته پهريائين ڏکوئجي وڃي ته نظر خلق تي اٿس ان کان پوءِ جڏهن نظر خلق کان خالق تي پهچيس، تڏهن تڪليف کان صاف ٿي، ان ڪري هن کي آب تنگ چيو اٿن ۽ عارف درياء وانگر آهي ۽ هن ويران جهان جا حادثا ڪکن ڪنڊن وانگر آهن، اچن ۽ وڃن ٿا بيهي نٿا سگهن حضرت شيخ سعدي رحمة الله عليه کهڙو نه سنو فرمايو آهي:

دريا فراوان نشود تيره بسنگ
عارف که رنجيد تنگ آب ست هنوز

(پرپور درياء جو پاڻي پٿر، پٽر اڇلائڻ سان ميرو نه ٿيندو ۽ جيڪو عارف ڪاوڙجي، اهو اجان ٿوري پاڻي وانگر آهي)

بچه بط اگر آدينه بود
آب درياش تا بسينه بود

(بدڪ جو ٻچو جيڪڏهن ڪٽي هفتي جو ڄاول هجي ته به درياءَ جو پاڻي سندس سيني تي پهچي سگهندو)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بچہ بط اگرچہ چوزہ بود
آب دریاش تا بموزہ بود

(بدڪ جو ٻچو جيتوٽيڪ ڪٽي چوزو هجي پر درياءَ جو پاڻي سندس پيرن کي پهچندو)

نقل 12: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته معرفت جي خزاني مان جنهن کي حصو پورو نصيب ٿيو ان جي دل ۾ فرنگي ڪافر لاءِ به اعتراض نه هوندو.

نقل 13: يعقوب فقير دل نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حضور نبي ڪريم جن جي وار مبارڪ جي زيارت ڪرڻ لاءِ روهڙي شريف ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. بازار مان لنگهڻ وقت جيڪي به دڪانن تي هندو وينا هئا، اٿي بيهي تعظيم بجا آندائون ۽ جڏهن ڪجهه اڳيرو آيا، تڏهن پويان سيد سڳورا ايندي ڏٺائون جن کي پاڻ ڪريمن ڏانهن ڪوبه لاڙو نه هو ۽ هو پنهنجي خيال سان ويا ٿي. پاڻ اتي بيهي انهن جو معائنو فرمايائون، اهي جڏهن لنگهي ويا، تڏهن انهن جي پويان ڏسڻ لڳا! ايتري قدر جو سندن اکين مبارڪن مان ڳوڙها وهي هليا. مون عرض ڪيو ته حضرتا هن جو ڪهڙو سبب آهي؟ پاڻ فرمايائون ته هينئر محبوب سائين جي بي نيازي ڏسو ته ڪيئن بي پرواه وڃي پيو.

بہر رنگے کے خواهی جامہ می پوش
کہ من آن جلوہ قدرامی شناسم!

(ڪٽي ڪهڙي به رنگ جا ڪپڙا ڏيکيندين؟ آئون ته ان قد جي ئي جلوي کي سڃاڻندو آهيان)

نقل 14: خليفي ميان لقمان نقل بيان ڪيو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ بادشاهه زادو ننڍڙائپ جي ڏينهن ۾ حرام ڪائيندڙن جي صحبت ۾ اچي ويو هو ۽ انهن جي حرام ڪائڻ پيئڻ ۾ ساڻن گڏ رهي پليو جڏهن بالغ ٿيو ۽ سمجهه ۽ عقل وارو ٿيو ته پنهنجي اصل ۽ نسل کي سڃاتائين ۽ موروثي تخت تي وينو ان وقت ڪانپوءِ ڪڏهن ڪڏهن انهن حرام خورن جي صحبت دل تي ياد اچي ويندي هيس جنهن ڪري طبيعت ملول ۽ شرمسار ٿي ويندي هيس اهڙي طرح هيءَ دنيا به حرام خورن جو گهر آهي ۽ نمائشي عبادتون خواهه رسمي علم ظاهر، حرام خورن جي طعام ۽ شراب وانگر آهي، جيئن هڪ بزرگ فرمايو آهي:

علم رسمی سر بسر قیل ست وقال
نہ ازو کیفیتی حاصل، نحال

(رسمي علم فقط ڳالهيون آهن، ان مان نه ڪا ڪيفيت حاصل ٿئي نه حال)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

علم نبود غير علم عاشقی
ما بقی تلبيس ابليس شقی

(عشق جي علم کانسواءِ ٻيو علم ئي ڪونہ آهي ۽ ٻيو سڀ ڪجهہ شيطان بدبخت جو مڪر آهي)

عارف جڏهن اصل وحدانيت جي مقام کان واقف ٿيندو تہ ان وقت دنيا جو هي سڀ ڪجهہ، حرام خورن جي طعام ۽ شراب وانگر معلوم ٿيندس ۽ حرام خورن مان مراد نفس ۽ شيطان آهي.

نقل 15: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عنايت فقير (مقبره نوح هوتياڻي جي پرسان ديهہ کبر ۾ آهي، جيڪا اڄ تائين ديرو عنايت فقير جي نالي سان مشهور آهي) جو بيان آيو تہ ان جي هيءَ عادت هئي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻہ ڏينهن لاڳيتا طعام يا ماني ان جي اڳيان آڻيندو هو، تہ ان کي گاريون ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ تون منهنجو خدا تہ نہ آهين؟ جو هر روز طعام آڻين ٿو! پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو تہ مبتدي طالب کي ائين ڪرڻ گهرجي جو خلق کان نفعو وٺڻ انهي جي طبيعت تي قرار نہ وٺي ۽ عارف ڪامل کي ٻيو ڪوبہ خوف نہ آهي، ڇو تہ ان کي هر وقت ۽ هر جاءِ معرفت تي نظر آهي.

فصل ٽيون

علم لدني عطا ٿيڻ

نقل 1: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ مثنوي شريف جي پڙهڻ وقت علم لدنيءَ جون ايتريون تہ حقيقتون ظاهر ٿيندون آهن جو جڏ آسمان تان مينهن وسي رهيو آهي پر ان مان ٿورو بيان ٿي سگهندو آهي.

نقل 2: هڪ ڏينهن نٽي شهر ۾، مڪتوبات خواجہ احمد سرهندي مجدد الف ثاني رحمۃ اللہ علیہ جو نسخو، حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪري عرض رکيم تہ حضرتا! جيڪڏهن حڪم ٿئي تہ مڪتوبات خريد ڪريان؟ پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو تہ اي خليفا، هي تعليمي علم آهي جيڪو پڙهڻ ۽ سکڻ سان حاصل ٿيندو آهي، مگر هن علم جو حصول الله تبارڪ و تعاليٰ جي فيض ۽ مهرباني سان ٿيندو آهي حضرت پيغمبر ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن پهريان اُمي هئا، بعد ۾ الله سبحانه و تعاليٰ بغير پڙهڻ جي سمورا علم ڪين معلوم ڪرائي ڇڏيا:

يتيمی کہ ناکردہ قرآن درست
کتب خانہ چند ملت بشست

(جنهن يتيم قرآن بہ ڪونہ پڙهيو هو، انهيءَ ڪيترائي ڪتب خانا ٻين دينن جا ڏوئي ڇڏيا) پاڻ ڪريمن فرمايائون تہ: "اِقْرَاْ كِتٰبَكَ ؕ كَفٰى بِنَفْسِكَ" (سوره بني اسرائيل:آيت ۱۴) (تون پنهنجو عمل نامو، پڙهہ تنهنجي نفس کي اهو ڪافي آهي ۽ فرمايائون تہ: پڙهيو سپ وسار، وسرئو الف ياد ڪر.

نقل 3: حضرت پير سائين جن جي گهٽو ڪري عادت مبارڪ هوندي هئي جو ٻيڦهري نماز کان پوءِ مثنوي شريف پڙهندا هئا ۽ انهن بيتن جو مطلب ٽيڦهري نماز تائين بلڪ ڪڏهن تہ سج لهڻ تائين بيان ڪندا هئا تڏهن بہ پورو نہ ٿيندو هو بيتن جي بيان ۾ قرآن شريف جون آيتون، حديثون ۽ بزرگن جا قول ۽ فارسي، سنڌي، هندي، بيت بہ ارشاد فرمائيندا هئا.

نقل 4: هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضرت ميان صاحب رحمۃ اللہ علیہ جن بيان فرمايو تہ هڪ ڏينهن اسان حضرت مخدوم سائين جن سان گڏ وات ونيو ٿي ويا سين ۽ هڪ شهر کي اچي ويجها ٿياسين تہ اتي ننڍيون ڇوڪريون راند ڪري رهيون هيون ۽ هڪ هٿن تي رکي چيائون پي تہ: "ڇئو سو ڇگو پرين اتي" حضرت مخدوم سائين جن اهو جملو ٻڌي عشق جي جوش ۾ اچي، بسم الله الرحمٰن الرحيم جو لفظ چيائون ۽ اتي جيڪا نهر وهندڙ هئي ان جي هڪ طرف کان ٻئي طرف

ڪنديره پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٽپيا ۽ اسان بہ انهن جي موافقت ڪري پويان ٽپياسين، ان کان پوءِ مون کي فرمايائون تہ اي شاھ صاحب سمجھئي، هي ڇوڪريون ڇا ٿيون چون؟ پوءِ پاڻ ئي فرمايائون چون ٿيون تہ: ڇئو بھترين ڪلمو محمد ڪريم ﷺ جن جي مٿان ھن جاءِ تي حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ "اَلْحِكْمَةُ ضَالَّةُ الْمُؤْمِنِ" (حڪمت مؤمن جي گم ڪيل شيءِ آھي) پوءِ مؤمن جتي بہ حق جو نڪتو، مسلمان يا ڪافر کان ٻڌي تہ اھو ان کان ونڻي يعني اھا ان جي ملڪيت آھي ان تي عمل ڪري:

عاقل آنكس كه گيرد اندر گوش

ور بنشت است پند بر ديوار!

(دانا اھو ماڻھو آھي جيڪو نصيحت ونڻي (عمل ڪري)، اگرچہ اھا نصيحت ديوار تي لکيل ھجي)

نقل 5: حضرت پير سائين جن ڪڍھن حديث شريف جي معنيٰ يا مثنوي جو نقل بيان فرمائي پوءِ جيڪي نڪتا ۽ گفتا مبارڪ ظاھر ڪندا ھئا، سي حضرت ميان صاحب جن ڏانھن منسوب ڪندا ھئا ۽ فرمائيندا ھئا تہ ھيئن سندن زبان مبارڪ کان ٻڌڻ ۾ آيو آھي.

نقل 6: ھڪ ڏينھن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضور اڪرم نور مجسم ﷺ جن فرمايو آھي تہ آئون بن ذبيحن (ڪنڌن) جي اولاد آھيان (ھڪ حضرت اسماعيل ، ۽ ٻيو سندن والد بزرگوار، حضرت عبدالله بن عبدالمطلب رضی اللہ عنہ) ۽ اسان کي فخر آھي تہ اسان بن اُمين (ظاھر ۾ پڙھڻ بجاءِ لدني علم جي صاحبن) جي اولاد آھيون (ھڪ حضرت رسول خدا، عليہ التحية والثناءُ ۽ ٻيو سندن والد بزرگوار حضرت ميان صاحب)[1]

---

[1] اي عزيز! حضرت اسماعيل جي ذبح جو واقعو، قرآن ڪريم ۾ تفصيل سان ذڪر ٿيل آھي! جڏھن تہ سندن والد بزرگوار متعلق سيرت جي ڪتابن ۾ ھيءَ حقيقت لکيل آھي تہ مختلف قبيلن جي مخالفت ۽ مخاصمت جو ماحول ڏسي، ڪعبة الله شريف جي خدمت ۽ آب زمزم جي سار سنڀال جو اعزاز ملڻ جي صورت ۾، قريش سردار حضرت عبدالمطلب، نڊر ڪيو ھو تہ ڏھن پٽن مان ھڪ پٽ، الله تعاليٰ جي خوشنودي لاءِ ڪعبة الله جي صحن ۾ ذبح ڪندس! اھا ڪامياب حاصل ڪرڻ بعد ھڪ ڏينھن ڏھن جوان سال پٽن آڏو ھن خوش نصيب انسان پنھنجو نڊر پورو ڪرڻ جو اظھار ڪيو تہ مڙني پائرن يڪ زبان ٿي ھاڪار ۾ جواب ڏنو پوءِ ھن لاءِ ان وقت جي دستور موجب ڪٽا وڌا ويا تہ سيني مان ننڍي پاءُ يعني حضور نور ﷺ جن جي والد بزرگوار حضرت عبدالله رضی اللہ عنہ جي نالي جو ڪٽو نڪتو. پوءِ جڏھن حضرت عبدالمطلب ڪعبة الله آڏو، ڇري ڪٽي پنھنجي نور نظر کي ذبح ڪرڻ جو ارادو ڪيو تہ: سيئي پائر ۽ قريش برادري وارا آڏو آيا، تہ اسان ائين ڪرڻ کونہ ڏينداسون پوءِ طئي ٿيو تہ ڪنھن اھل علم کان ان جو حل پڇيو وڃي؟ پڇا ڪرڻ تي ان وقت جي ھڪ ڄاڻو انسان وراٽيو تہ ھن وقت جي خون بھا ۾ ايندڙ اٺن جي تعداد (ڏھ عدد) سان گڏ ھن نامرد نوجوان جو ڪٽو ڪڍيو وڃي ۽ جيستائين ڪٽو اٺن جي نالي نہ ٿو نڪري، تيستائين ھر پيري اوترو اٺن جو تعداد وڌائڻو آھي پوءِ ائين ڪرڻ سان ھر پيري حضرت عبدالله جوئي نالو پي نڪتو ۽ جڏھن ھڪ سؤ اٺ ٿيا، تہ پوءِ اٺن جي نالي تي ڪٽو نڪتو ۽ پوءِ ھن عمل کي تي پيرا ڌھرايو ويو تہ ھر پيري اٺن جي نالي جوئي ڪٽو نڪرندو رھيو آخر اھي ھڪ سؤ اٺ حضرت عبدالله رضی اللہ عنہ جو فديو مقرر ڪري ذبح ڪيا ويا ھئا!!! (ف،ق،ع)

نقل 7: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته مرڻ بعد مرد کي ٽي ڪپڙا ڪفن ۽ عورت کي پنج ڪپڙا ڏيندا آهن، ان مان ڪنايو آهي ته، طالب المولیٰ مذڪر "يعني الله جا طالب مرد آهن انهن لاءِ ڪفن ٽي ڪپڙا آهي، ۽ ٽن ڪپڙن مان مراد، ڪلمہ شهادت، نماز ۽ روزو آهي ڇو ته اهي تارڪ الدنيا هوندا آهن، انهن تي (دنيا نہ هجڻ ڪري) حج ۽ زڪوات فرض نہ آهي ۽ طالب العقبیٰ مؤنث" يعني آخر جا طالب، عورتون آهن انهن لاءِ ڪفن پنج ڪپڙا آهي ۽ پنجن ڪپڙن مان مراد، ڪلمہ شهادت، نماز، روزو، حج ۽ زڪوات آهي، ڇو ته اهي دنيا سان بہ مشغول هوندا آهن، تنهن ڪري انهن تي اسلام جا پنجئي فرض، لازم آهن ۽ پڻ فرمايائون ته مرد کي گوڏي کان دُن تائين ۽ عورت کي مٿي کان پيرن تائين ڍڪڻ فرض آهي ان مان اشارو آهي ته مرد طالب المولیٰ آهن، جو انهن جو دُن عرش عظيم آهي ۽ ان جي مٿان عالم امر آهي، ۽ اتي موهوم هستيءَ جي لباس کان عرياني آهي، يعني "الايمان عريان" انهن جو لباس آهي ۽ دُن جي هيٺان عالم خلق آهي، جو پاڻ کي ڍڪن ٿا ۽ "لباس التقوي" جو ڪنايو انهن ڏانهن آهي ان ڪري مرد کي دُن جي هيٺان هٿ ٻڌڻ مقرر آهن ڇو ته عالم امر کان عالم خلق ڏي اچي عبادت ۾ مشغول ٿين ٿا ۽ عورتون جيڪي "طالب العقبیٰ مؤنث" آهن سي مٿي کان وٺي پيرن تائين عالم خلق آهن ان ڪري سجود وجود انهن جو ڍڪڻ فرض آهي ۽ عورتن کي نماز ۾ سيني تي هٿ ٻڌڻ ان ڪري لازم آهن، جو سندن سارو بدن عالم خلق آهي.

نقل 8: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ هي ٻانهو (جامع ملفوظات) وينو هو، ان وقت حضرت سيد المرسلين ﷺ جن جي معراج مبارڪ جو ذڪر آيو حضرت پير سائين جن ارشا فرمايو ته حضور ﷺ جن جڏهن معراج تي ويا ته اتا موٽي نہ آيا، مون عرض ڪيو ته حضرتا! معراج بعد هڪ شخص حضور ﷺ جن کي خدا جو واسطو ڏيئي ڪنهن ڪم لاءِ ابو جهل جي دروازي تي وٺي ويو هو، اهو ٻڌي پير سائين جن جوش ۾ اچي فرمايايو ته مان ڪر! ان کان پوءِ گهٽي زماني گذرڻ بعد پاڻ شفقت فرمائي جيئن حقيقيت معلوم هئي ڪرايائون.

اي عزيز! پاڻ جيڪو ارشاد فرمايائون ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن معراج تي تشريف وٺي ويا ته وري واپس نہ آيا، اهو هيئن آهي ته حضور ﷺ جن معراج تي وڃڻ وقت صورت ۽ حقيقت ٻنهي سان تشريف وٺي ويا هئا، پوءِ حقيقت پنهنجي اصل سان اهڙي ملي ويئي، جو هرگز جدا نہ ٿي ۽ صورت موٽي آئي پير سائين جيڪو نہ اچڻ جو فرمايو هو، اهو باعتبار حقيقت جي هو ۽ جنهن خلق کي دعوت ڏني ٿي، اها حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي صورت هئي ۽ سندن حقيقت پنهنجي جاءِ تي رهي عشق جي شهيد مخدوم عبدالرحيم رحمۃ اللہ علیہ هن مقام ڏانهن اشارو ڪيو آهي

جيڪر دنيا دار ۾ پرين هئا پڏرا،
هوند نہ رهيو هيڪڙو ڪو ڪافر مجهه ڪفرا،
ينظرون اليک وهم لا يبصرون، هوت نہ هت هئا،
لالڻ لقا پور ئي رهيا، هت پڏرو پا ڇويا!

حضرت رسول ڪريم ﷺ جن صورت ۾ حقيقت سان گڏ معراج تي تشريف وٺي ويا هئا وري هن جهان ۾ جڏهن آيا تڏهن عشق جو نعرو هٽي ارشاد ڪيائون ته "يَا لَيْتَ رَبُّ مُحَمَّدٍ لَمْ يَخْلُقْ مُحَمَّدًا" (ڪاش محمد جو رب محمد کي پيدا نه ڪري ها (ﷺ) پنهنجي حقيقت جي جدائي ۽ فراق کان، ساڻ پنهنجي ئي فرمايائون ۽ وري ڪڏهن هن مقام کان اصلي مقام ڏانهن رجوع ڪندي فرمايائون ته: "اَبِيْتُ عِنْدَ رَبِّيْ وَهُوَ يُطْعِمُنِيْ وَيَسْقِيْنِيْ" (مان پنهنجي رب وٽ رهان ٿو اهوئي مون کي کارائيندو پياريندو آهي) پاڻ هي اشارو پنهنجي اصل حقيقت ڏانهن ڪيو اٿن.

اي عزيز! اهو علم بي پايان ۽ اونهو آهي، جنهن لاءِ مون هنن چند حرفن لکڻ تي اکتفا ڪئي آهي! پوءِ ڪافر صورت ۾منجهيل هئا، جن جي نظر محض حضور ﷺ جن جي ظاهري صورت تي پئي ۽ حقيقت کي نه ڏٺائون ان ڪري هو ڪافر رهيا مولانا رومي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي ته:

کافران ديدند احمد رابشر
چون ندیدند ازوی آن شق القمر

(ڪافرن حضور سرور ڪائنات کي بشر ڪري ڏٺو ۽ سندن چند چيرڻ جي معجزي ڏانهن نه ڏٺائون)

زانکه او گف ديد دريا را ندید
زانکه حالے ديد فرد را ندید

(انهن گج کي ته ڏٺو پر دريا کي نه ڏٺائون، حال کي ڏٺائون ۽ سپاٽي کي نه ڏٺائون)

۽ جنهن دل جي اکين سان حضور ﷺ جن جي حقيقت کي ڏٺو، اهو حقيقي مسلمان ٿي ويو: "مَنْ رَآنِيْ فَقَدْ رَاَى الْحَقَّ" ۾ ان ڏانهن اشارو آهي!

نقل 9: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن خليفي ميان الهرڪيه رحمۃ اللہ علیہ جي ديهه ۾ ٻيهري نماز جي جماعت مسجد شريف ۾ ڪرايائون نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ جماعت ڏانهن منهن ڪري فرمايائون ته نماز جي وچ ۾ خيال آيو ته مضل حق جو نالو آهي، گناهه جو ظاهر ٿيڻ ان ڪري ٿيندو آهي ۽ نبي سڳورا معصوم آهن، جيڪڏهن هن نالي مان حصيدار نه ٿيا ته ڪمال نبوت ۾ نقصان ٿيندو؟ جيڪڏهن نبين سڳورن کي گنهگار چئبو ته ڪفر لازم ايندو، اهو سوال فقيرن جي جماعت کان ڪرڻ گهرجي ته کهڙو جواب ڏئي ٿي؟ ايتري ۾ الله تعاليٰ معلوم ڪرايو ته حضرت آدم کان باوجود گناهه ظاهر ٿيڻ جي (جيڪو مضل نالي جي وصف آهي) اهو معصوم آهي.

نقل 10: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ ٽنڈي مير باگي ٽالپر ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ سندن مبارڪ هٿن ۾ مثنوي معنوي جو هڪ نسخو هو، ان مان هڪ مصرعو پڙهي فرمايائون ته مثنوي پڙهڻ وقت ايتريون معنائون اڳيان اچن ٿيون جيئن ڪولين جي سوراخ ۾ پاڻي وجهجي پوءِ

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گهاٽيون ٽي سوراخ مان نڪرن. اي عزيز! اهو علم هي نه هو جيڪو پنن ۾ لکيل ۽ پڙهيل ٽيندو آهي، جنهن علم جي پاڻ ڪريمن نشاني ڏني، اهو علم حق جو علم هو مولانا رومي رحمة الله عليه ڪهڙو نه سنو چيو آهي:

علم حق در علم صوفی گم شود
این سخن کے باور مردم شود

(حق جو علم صوفي جي علم ۾ گم ٿي وڃي ٿو هي ڳالهه ماڻهن کي ڪيئن مڃڻ ۾ ايندي؟)

نقل 11: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته ڪي بزرگ چوندا آهن ته سڀئي موجود ۽ محسوس شيون حادث آهن ۽ ذات پاڪ سان ڪابه نسبت ۽ اضافت نه اٿن پاڻ ڪريمن فرمايو ته حادث آهن، پر ظاهر ۾ نه حقيقت ۾ ڇو ته ذات پاڪ جي قديم علم ۾ سڀئي شيون موجود هيون جيڪڏهن موجود نه هجن ها ته دنيا ۾ هرگز ظاهر نه ٿين ها.

نقل 12: عبدالله فقير شاعر نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! فڪر ڇا آهي؟ جواب ۾ ارشاد فرمايائون ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ" (سورة الكهف: آيت ٢٤) پنهنجي رب کي ياد ڪر، جڏهن تو ان کي وساريو هي ذڪر آهي ۽ هن ۾ بيهڻ فڪر آهي ۽ هن ۾ مستغرق ٿيڻ حيراني آهي.

نقل 13: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن هن قدسي حديث شريف جي معنيٰ بيان فرمايائون ته: "كُنْتُ كَنْزًا مَّخْفِيًّا فَاَحْبَبْتُ اَنْ اُعْرَفَ فَخَلَقْتُ الْخَلْقَ" (يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مان مخفي خزانو هوس تڏهن مون کي پنهنجي سڃاڻائڻ جي مرضي ٿي ته پوءِ مون مخلوق کي خلقيو) انهيءَ ارشاد مطابق الله تعاليٰ پهريائين آسمان ۽ زمين کي پيدا فرمايائين پر قدسي حديث آهي ته: "لَا يَسَعُنِيْ اَرْضٌ وَّلَا سَمَاءٌ" (مون کي زمين ماپائي سگهي نه آسمان) مطابق رب پاڪ جي ذات ۽ صفتن لاءِ زمين ۽ آسمان جو آئينو لائق نه ٿي سگهيو تڏهن ملائڪ ۽ ٻيا ارڙهن هزار (گهٽ وڌ) جهان پيدا فرمائي نظر ڪيائين ته به ڪيس پنهنجو پاڻ نظر نه آيو پوءِ حضرت آدم جي صورت ۾ جيڪا "خَلَقَ اللّٰهُ اٰدَمَ عَلٰى صُوْرَتِهٖ" هئي، سا پيدا فرمايائين ۽ پنهنجي ذات کي سڀني صفتن سان ان ۾ ڏسي گهڻو خوش ٿيو پوءِ فرشتن کي فرمايائين ته ان کي سجدو ڪريو؟ "وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا" (سورة البقره: آيت ٣٤) سڀئي سجدي ۾ ڪري ٻيا ۽ ذات ۽ صفتن کي ملائڪن حضرت آدم جي وجود ۾ معائنو ڪيو ٿي:

گر نبودے ذات حق اندر وجود
آب گل راکے کند ملکے سجود

(جيڪڏهن ذات حق، حضرت آدم جي وجود ۾ نه هجي ها تہ پاڻي ۽ مٽي کي ملائڪ ڪيئن سجدو ڪن ها؟!)

نہ مسجود ملائک بود آدم
کہ نورے پاک دروی بود مدغم

(فقط آدم فرشتن جو مسجود نہ هو بلڪ ان ۾ تہ هڪ نور پاڪ رکيل هو!)

اگر این نکتہ دانستی عزازیل
ہزاران سجدے آوردے دران دم

(جيڪڏهن عزازيل هن نڪتي کي سمجهي ها تہ ان وقت هزار ها سجدا ڪري ها!)

ليڪن: "اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى" (سورة البقره: آيت ۳۴) مگر شيطان سجدي کان انڪار ڪيو ان کان پوءِ ان جي دل موهيندڙ حسن، جنهن ۾ هو پاڻ سپني حق جي صفتن سان موجود هو، تنهن ملائڪن حورن، غلمانن ۽ بهشت وارن کي عاشق ڪري وڏو پوءِ جڏهن سڀ مخلوقات ان جي حسن تي عاشق ٿي پئي تہ: "اَنَا اَحْمَدُ غُيُوْرٌ وَاللّٰهُ اَغْيَرُ مِنِّیْ" (يعني آئون احمد گهٽو غيرتي ۽ الله تعاليٰ مون کان بہ وڌيڪ غيرت وارو آهي) مطابق ذات پاڪ کي غيرت اچي ويئي ۽ اهو عاشقن جو طريقو آهي پوءِ: "وَعَصٰۤى اٰدَمُ رَبَّهٗ فَغَوٰى" (سوره طٰهٰ: آيت ۲۱) جي ڪٽ سان ان کي داغدار ڪيائين ۽ معصيت جي زنگ (ڪٽُ) جي ڪري سيئي ان کان بيزار ٿي ويا ۽ هو اگهاڙو ٿي پيو جيئن تہ انهن جو عشق صفا تي هيو، ان ڪري سندن محبت زائل ٿي ويئي، ان کان بعد وري گهريائين تہ پاڻ کي ان ۾ ڏسي پوءِ ان کي پاڻ لاءِ خاص پسند ڪري "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" جي روات تيار ڪيائين ۽ ان سان سندس زنگ (ڪٽ) کي صاف ڪري اصلي طريقي سان ان ۾ جلوو فرمايائين، ۽ ڪيس خاص پاڻ لاءِ پسند ڪيائين حضور ﷺ جن فرمايو آهي تہ هر انسان بالقوة الله تعاليٰ جي ذات ۽ صفتن سان موصوف آهي، پر هن جهان جي خرابين سبب ان کان پري ٿيو آهي انسان کي گهرجي تہ هو پنهنجي قلب کي "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" جي روات سان صاف ڪري جيئن جيڪو بالقوة آهي، اهو بالفعل ان ۾ ظاهر ظهور نروار ٿئي!

فصل چوٿون

اونهي ڳالهه اسرار

نقل 1: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي رحمة الله عليه کي هڪ ڏينهن الله تعاليٰ جي دربار ۾ حضوري نصيب ٿي تہ هن کي اتي کوبہ نظر نہ آيو ۽ سڄي دربار خالي ڏٺائين ۽ الله تعاليٰ کي عرض کيائين تہ يا الله! هيڏي وڏي درگاهہ ڇا جي ڪري خالي آهي؟ رب العزة جي درگاهہ کان فرمان آيو تہ اي بايزيد ويران هن ڪري آهي، جو هن درگاهہ جو لائق کوبہ نہ آهي ان ڪري خالي آهي!

نقل 2: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو تہ هڪ سڄي ماٹهو پنهنجي زال سان صلاح ڪري هڪ سانداروارياءَ جو پري زال جي بغل ۾ ڏٺائين ۽ ٻئي ڇٹا ڪنهن شهر ڏاهن روانا ٿيا، جڏهن شهر کي ويجها پهتا، تڏهن پاڻ ۾ جهيڑو ڪرڻ شروع کيائون، ايتري قدر جو زال پڳي ۽ مڙس ان جي پويان لٹ ڪٹي پڇڻ لڳو! زال پڇي وڃي هڪ مالدار واپاريءَ جي گهر ۾ داخل ٿي ۽ دروازو بند ڪري، واپاريءَ کي چيائين تہ منهنجو مڙس مون تي ڪاوڙيو آهي ۽ مون کي مارڻ لاءِ پٹيان پڳو اڇي ٿو، ان ڪري تنهنجي گهر ۾ آئي آهيان خدا جي واسطي مون کي هن ظالم مڙس کان ڇڏاءِ. جڏهن زال گهٹيون رڙيون ڪيون، تڏهن واپاريءَ کي ان تي رحم اچي ويو ۽ ان جي مڙس کي چيائين تہ تنهنجي زال منهنجي گهر ۾ آئي آهي هاڻي گناهہ بخشينس ۽ ان سان صلح ڪر جنهن وقت واپاري زال جي مڙس سان ٻاهر گفتگو ۾ مشغول ٿيو، تہ ان وقت ان عورت مشڪ مان واري هاري سونَ ۽ چانديءَ سان مشڪ پري تہ منهن ٻڌڻ لاءِ رسي هٿ نہ آيس. پوءِ زال عجيب مڪر ۽ فريب سان مڙس سان جهيڑو ڪندي گهر جي اندران هي لفظ چيائين تہ اي مڙس! تون بي مهابو آهين حقيقت ۾ انهن لفظن سان مڙس کان مشڪ جو ٻنڌڻ ٿي گهريائين؟ مڙس بہ گاريون ڏيندي ٻنڌڻ جو ڏس ڏنو تہ اي زال بي سڄي (يعني چري) مان ڪر زال مڙس جو اشارو سمجهي، وارن جو ٻنڌڻ (سڄي) کولي ان سان مشڪ جو منهن ٻڌي، بغل ۾ رکي تيار ٿي بيهي رهي. مڙس پنهنجي قياس سان سمجهيو تہ زال پنهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏيو هوندو ان وقت گهٹي گفتگو کان پوءِ واپاريءَ کي چيائين توهان جي ڪري زال کي گناهہ بخشيم ۽ مارڻ کان معاف ڪيم هاڻي وچ پنهنجي گهر مان ڪيس جلدي ڪڍي، مون سان صلح ڪرائي روانو ڪر. واپاريءَ ائين ڪيو پوءِ زال ۽ مڙس گڏجي غنيمت کٹي پنهنجي گهر خوش ٿي اچي پهتا ۽ هن فن ۽ حيلي سان واپاري جو گهر لٹيائون. پاڻ ڪريمن هي مثال هن ڳالهہ تي آندو تہ جيڪي سختيون ۽ ڏوراپا، الله تعاليٰ جي طرف کان الله تعاليٰ جي برگزيده نبين ۽ ولين سڳورن کي ملن ٿا، اهي بي رحمي ۽ گهٹ دوستيءَ جي ڪري نہ آهن بلڪ ان مڙس ۽ زال وانگر ڪمال اتحاد ۽ يڪجهتي جي ڪري

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هوندا آهن پوءِ پاڻ ان جي مٿان سنڌي بيت ارشاد فرمايائون:

ڪره ڪر هيون اڇ، ڪر وهاريو وچ ۾،
هوڏانهن اوهين ڪرهو، هيڏانهن اسين ڪرهون،
ماڻهو پائڻ سڇ، ڳالهين ڪريون ڳڇ، ڪرهه جون قادو چوي!

نقل 3: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ٻيڻهري نماز کان بعد مثنوي شريف پي پڙهيائون ۽ مٿن شوق ايترو غالب هو، جو سڄي جماعت کي مست ڪري ڇڏيو هئائون. ان کان پوءِ جماعت ڏانهن منهن مبارڪ ڪري فرمايائون ته اڄ مثنوي ايترا ته اسرار ڏيکاريا آهن جو جيڪڏهن اسان اهي کولي چئون ته بعضي طالب بدن تان ڪپڙا لاهي ڇڏين افسوس جو کي ماڻهو اسان جون ڳالهيون پنهنجي غرض سان بيان ڪن ٿا ۽ چوندا رهن ٿا ته اسان پنهنجي پير کان ٻڏو آهي ۽ ٻڏندڙن کي گمراهي ۽ هلاڪت ۾ وجهن ٿا، حالانڪ اسان جو علم انهن جي سمجهه ۾ ئي نه آيو آهي هيءُ ارشاد فرمائي مثنوي کي کڻي ۾ ويڙهي اٿيا، ۽ عشاءَ نماز کانپوءِ اتر اوپر واري ڪنڊ ۾ ويهي وظيفي ۾ مشغول ٿيا، ٿوري دير کان پوءِ سيني مبارڪ مان ٽڏو ساهه ڪڍي پڇائون ته خليفو لقمان ڪٿي آهي؟ مون عرض ڪيو حضرتا! ٻانهو حاضر آهي. فرمايائون ته اڄ مون کي مثنوي شريف تمام گهڻا علم معلوم ڪرايا، پر ڇا ڪريان جو کي ماڻهو اسان جي ڳالهين کي پنهنجن دنياوي مطلبن ۾ استعمال ڪن ٿا، ان ڪري مثنوي پڙهڻ کان بس ڪئي سون. وري خدمت شريف ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! اهل غرض ته اسان آهيون، جو ٻين کي به فيض کان روڪيوسون پاڻ فرمايائون ته توهان طالب آهيو، ليڪن جماعت ۾ طالب ۽ اهل غرض به ڪافي آهن، پوءِ فرمايائون ته جمعو فقير ڪٿي آهي؟ جمعي فقير عرض ڪيو حضرتا! غلام حاضر آهي فرمايائون ته ڳالهيون سڄڻ تنهنجون ڪنهن سان اوريان! اها ڪافي پڙهه؟ پوءِ فقير اها ڪافي پڙهي ٻڌائي.

نقل 4: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ ڏينهن شيخ ابو الحسن خرقاني رحمۃ اللہ علیہ مٿي تان (اُن جي) ٽوپي لاهي مٿي مبارڪ کي کنهيائين ٿي، ته هاتفي آواز آيو ته اي شيخ هن ٽوپي کي وڪٽندين؟ شيخ وراٽيو ته يا خدا! تو وٽ هن جي قيمت آهي؟ هاتفي آواز آيو ته اي شيخ مسخري ڪرين ٿو جيڪڏهن آڻون تنهنجا عيب جهان ۾ ظاهر ڪريان ته سڀئي ماڻهو توکان ڀڄي وڃن ۽ ڪوبه تنهنجي ويجهو نه اچي بلڪ خود توکي پنهنجي دروازي تي اچڻ نه ڏيندا. شيخ چيو ته اي خداوند جيڪڏهن تون ائين ڪندين ته پوءِ مان به تنهنجا اسرار جهان ۾ ائين پکيڙيندس، جو ڪوبه ماڻهو پنهنجو منهن ڏوئي ماني نه کائيندو:

میان عاشق و معشوق رمزیست
کراما کاتبین را ہمہ خبر نیست

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

(عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ اهي راز آهن، جو ڪراماً ڪاتبين کي به خبر نه هوندي آهي) پوءِ الهام ٿيو ته اي شيخ! هاٽي پاڻ ۾ صلح ڪريون ٿا، نه مان تنهنجا عيب ظاهر ڪندس نه تون منهنجا راز ظاهر ڪجانءَ؟

نقل 5: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ وينا هئاسون، پاڻ خليفي ميان الهرڪيي رحمة الله عليه جي ڳالهه بيان فرمايائون ته خليفي صاحب چيو ته هڪ دفعي ڏاڍو بيمار هيس انهيءَ بيماري ۾ ملڪ الموت کي ڏٺم، جو اچي چيائين ته مون کي الله تعاليٰ تنهنجي روح کڻڻ جو حڪم ڪيو آهي مون چيو ته اسان کي اهو حڪم نه مليو آهي، جيڪڏهن توکي حڪم ٿيو آهي ته ٻانهو حاضر آهي ملڪ الموت منهنجي بدن کي ڏاڍو ڳولهيو پر روح بدن ۾ نه لڌائين حيران پريشان ٿي چيائين ته اولوالعزم رسولن ۽ اولياڻن ڪرامن جا روح، الله تعاليٰ جي حڪم سان مون قبض ڪيا آهن پر توهان جي روح جي خبر نٿي پوي ته ڪٿي آهي؟ مون ان کي چيو ته هي روح اتي آهي، جتان تون اهو حڪم ڪٿي آيو آهين! ان کان پوءِ مريد ٿي هليو ويو مون ان کان بعد فقيرن ڏانهن منهن ڪري چيو ته اي فقيرؤ! ملڪ الموت کان توهان کوبه خوف نه ڪريو ڇو ته هاٽي اهو توهان جو ديني ڀاءُ ٿي ويو آهي ۽ توهان سان دوستي رکي ٿو.

اي عزيز! ٻن سچن (هڪ حضرت پير سائين جن پاڻ ۽ پيو الهرڪيو خليفو صاحب) کان هيءَ ڳالهه ٻڌي دل کي يقين ٿي ويو ۽ ٿورن ڏينهن کان پوءِ هڪ ڪتاب جي حاشيه تي لکيل ڏٺم ته حضرت مخدوم شاهه رڪن عالم جي زماني ۾ ڪنهن ماڻهو کي ست ڏينهن سڪرات هلي جو ان جو روح قبض نه ٿئي پيو آخر اها خبر مخدوم صاحب کي پهچايائون ته هڪ شخص کي ست ڏينهن ٿيا آهن جو سڪرات ۾ پيو آهي ۽ اڪيون آسمان ڏانهن اٿس ۽ پاڻ بيخبري جي عالم ۾ آهي مخدوم صاحب جن هيءَ ڳالهه ٻڌي هڪ خادم کي پاڻ سان ونڻي انهيءَ ماڻهوءَ وٽ تشريف فرما ٿيا، ۽ ڏٺائون ته اڪيون کوليو آسمان ڏانهن ڏسي رهيو آهي ۽ بيخود پيو آهي مخدوم صاحب کيس پنهنجي هٿ سان پاسي کان ونڻي لوڏيو ۽ سڏ ڪيائونس. جڏهن مخدوم صاحب جو آواز ٻڌائين، تڏهن ان پنهنجون اکيون مخدوم صاحب ڏانهن ڦيرايون، ان وچ ۾ ملڪ الموت ان جي روح کي قبض ڪري ورتو ۽ مخدوم صاحب جن اهو منظر ڏسي روئڻ لڳا! پوءِ جڏهن اتان واپس ٿيا ته وات ۾ خادم عرض ڪيو ته سائين! ان ۾ ڪهڙي حڪمت هئي، جو هوست ڏينهن سڪرات ۾ رهيو ۽ جڏهن توهان ان کي چوري سڏ ڪيو، تڏهن هن پنهنجيون اکيون توهان ڏانهن ڦيرايون. ان وقت ملڪ الموت هن جي روح کي قبض ڪيو ۽ توهان گريه (روئڻ) ۾ اچي ويا. مخدوم صاحب فرمايو ته ان جو روح ذات پاڪ جل شانه وٽ ويل هو ۽ ملڪ الموت ان جي واپس اچڻ جو منتظر هو! مون جڏهن ان جي پاسي کان ونڻي چوريو ته ان وقت اتان ٽٽي مون ڏانهن اکيون ڦيرايائين ته ملڪ الموت ان وچ ۾ ان جو روح قبض ڪري ورتو. (هن نقل کي شاهدي طور هت لکيو ويو) هن موقعي تي حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته شڪاري شڪار کي

ايستائين شڪار نٿو ڪري سگهي، جيستائين هو غافل نه ٿئي ۽ جيستائين هو آگاهه آهي، تيستائين شڪاري هن تي هرگز قادر ٿي نٿو سگهي.

نقل 6: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته جمعي جي ڏينهن سيد الطائفه شيخ جنيد بغدادي منبر تي چڙهي وعظ فرمايو پي ته اوچتو بي اختيار سندس زبان تي توحيد جا اسرار جاري ٿيا شيخ صاحب ٿوري دير مان ڪري هڪ ماڻهوءَ کي فرمايو ته ڏس هن مجلس ۾ ڪير آيو آهي، جنهن جي ڪري هي اسرار توحيد جا زبان تي جاري ٿيا آهن؟ ان ماڻهو حڪم کي مڃي ڏٺو ته شيخ منصور حلاج مسجد شريف جي ڪنڊ ۾ ويٺو آهي!

نقل 7: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ ويٺو هيس پاڻ فرمايائون ته عارف ان ڪري حقيقي اسرارن کي لکائن ٿا، ته ڪوبه ماڻهو انهن کان واقف نه ٿئي جيئن حديث شريف ۾ آهي ته: "اِظْهَارُ الْاَسْرَارِ كُفْرٌ" يعني اسرارن کي ظاهر ڪرڻ ڪفر آهي، ۽ هو پنهنجي ظاهر کي ظاهر شريعت سان سينگارين ٿا، ۽ شريعت جي حقيقت کي حقيقت وارن سان ظاهر ڪن ٿا، جيئن هڪ بزرگ فرمايو:

کند هم جنس با هم جنس پرواز
کبوتر با کبوتر باز با باز

(هر جنس پنهنجي جنس سان پرواز ڪري ٿي، ڪبوتر ڪبوتر سان ۽ باز باز سان!)

اهل حق با اهل حق خوش می شوند
اهل باطل باطلان را می کشند

(حق وارا حق وارن کان خوش ٿين ٿا، باطل وارا باطل وارن کي ڇڪيندا آهن!)

ناریان مرناریان را جاذب اند
نوریان مرنوریان را طالب اند

(ناري (باهه وار) نارين کي ڪشش ڪندا آهن، نوري (نور وارا) خاص نورين کي گهرندڙ آهن!)

نقل 8: خليفو ميان غازي خان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته خليفو ميان الهرڪيو رحمۃ اللہ علیہ فقيرن جي جماعت سان، حضرت ميان صاحب جن جي مقبري جي زيارت لاءِ وڃي رهيو هو، ۽ هي جماعت تنبيه قوم جي شاهه جاڙيل رحمۃ اللہ علیہ جي مقبره جي زيارت لاءِ آئي پئي. هئي جماعتون واٽ تي اچي ملاقي ٿيون، ان جماعت مان ڪنهن پڇو ته توهان ۾ تنيا آهيو؟ خليفي موصوف فرمايو ته اسان اڃان ڳاڻا نه آهيون تنيا ڪيئن ٿيندا سون! خليفي صاحب جي فرمان مان هڪ نڪتو پيدا ٿيو ته جيڪو حق کان اصلاً جدا نه ٿيو آهي، ان کي پيوند جي ڪهڙي ضرورت:

چون نہ از اصل خودفگار آید
کردن وصل اوچہ کار آید

(جيڪو پنهنجي اصل کان جدائي نہ ٿيو، ان کي ٽاڪي هٽڻ جي کهڙي ضرورت آهي؟)

نقل 9: ساڳيو راوي نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ خليفو ميان الهرڪيو ڪنڊياري شهر ۾ ويو هو اتي وبا جي بيماري تمام گهٽي هئي، ان شهر جا سڀ ماڻهو مسجد شريف ۾ وينا هئا، ۽ مغرب نماز پڙهڻ کان پوءِ سڀني بانگون ڏنيون خليفو صاحب جماعت سان گڏ مان ڪري وينو هو شهر جي ماڻهن فقيرن کي چيو تہ توهان کي موت ياد نہ آهي، جو بانگون نٿا ڏيو؟ فقيرن چيو تہ اسان خدا جا دوست آهيون جيستائين دنيا ۾ ڪابہ مخلوقات هوندي تيستائين اسان کي موت نہ ايندو سڀني کي موت ڏيئي، پوءِ اسان جو ساهہ قبض ڪيو ويندو ملڪ الموت اسان جو دوست آهي ايان هن شهر ۾ ماڻهو گهٽا آهن، پهريان انهن جو ساهہ ڏيندو، ان کان پوءِ اسان فقيرن جو ساهہ قبض ڪندو!

نقل 10: حضرت پير سائين جن هڪ ڏينهن فرمايو تہ بعضي واپاري، سڪل ڇيٽن سان جهاز ڀري ڪري، جنهن ٻيٽ ۾ گهٽا باندر ناريلن جي وٽن تي ويڻل هوندا هئا، اوڏانهن ڪاهي ويندا هئا ۽ اهي اتي هڪ ڇيٽو باندرن کي هٽندا هئا تہ باندر ان جي عيوض انهن کي ناريل هٽندا هئا. پوءِ جڏهن جهاز ڇيٽن کان خالي ٿي ناريلن سان ڀرجي ويندو هو، ان وقت موتندا هئا. اهو عارفن جو مثال آهي، جو سوالي انهن کان سوال ڪري، (اهو سوال جڙ ڇيٽو آهي ۽) جيڪو هو عطا ڪن ٿا، سا معرفت ۽ اسرار آهن، اهي مثل ناريل جي بلڪ موتين وانگر آهن جو دل جو جهاز مالا مال ڪري اچن ٿا:

ہر کسی آن کند کہ لائق اوست
جرم از مابود عطا از دوست

(هر هڪ پنهنجي لائق ڪم ڪندو آهي، اسان کان گناهہ ٿيڻ باوجود، دوست بخشش فرمائيندو آهي!)

نقل 11: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت يوسف خواب ڏٺو تہ يارهن ستارا ۽ سج، چنڊ مون کي سجدو ڪري رهيا آهن! اهو خواب جڏهن پنهنجي پيءُ حضرت يعقوب جي اڳيان بيان فرمايائين تہ پيءُ کيس چيو تہ هي خواب پنهنجي پائرن کي نہ ٻڌائجانءِ متان هو توسان حسد ڪن تقدير الهٰي جو حضرت يوسف اهو خواب پائرن جي اڳيان ظاهر ڪري وڌو ۽ پوءِ هنن ساڻس حسد شروع ڪيو، هڪ ڏينهن پنهنجي پيءُ جي خدمت ۾ عرض ڪيائون تہ اسان صبحاڻي سير شڪار تي وڃون ٿا جيڪر حضرت يوسف کي اجازت ڏيو تہ هو اسان سان گڏجي هلي ۽ سير شڪار کان خوش ٿئي ڇو تہ ننڍڙي عمر جو آهي، هڪ جاءِ تي اڪيلي ويهڻ سان ملول ۽ غمگين ٿيندو هوندو.

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حضرت يعقوب فرمايو ته توهان جو يوسف کي شڪار ٿي وڃڻ منهنجي دل کي ڏکيو لڳي تو، چو ته متان توهان شڪار پڻيان وجو ۽ هن ننڍڙي کي بگهڙ کائي وڃن. پاڻ ڪريمن هن جاءِ تي ارشاد فرمايو ته الله تعاليٰ پهريائين پيارن نبين ۽ ولين سڳورن جي دل ۾ القاءُ ڪري ٿو ته هي ڪم هيئن ٿيندو؟ ان کان پوءِ جيڪو ارادو مقدر آهي، اهو بالقوه کان بالفعل ٿي پوندو آهي.

نقل 12: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت ميان صاحب جن سائي پوک ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، ۽ اسان به ساڻن گڏ پوک ۾ ڦرياسون پي حضرت ميان صاحب جن فرمايو ته هن پوک کي هميشه پاڻي ڏين ٿا، جيڪڏهن به ٽي ڏينهن پاڻي نه مليس ته سکي ويندي آهي، ان جو سبب ڇا آهي؟ ۽ کبڙن وغيره جا وڻ برپٽ ۾ بينا هوندا آهن، جن کي کوبه پاڻي ڪونه ڏيندو آهي، سي هميشه ساوا ۽ تازا رهندا آهن (سو ڇو؟) حضرت ميان صاحب جن هميشه جيڪي به نڪتا پڇيا ٿي ته اسان باوجود جوابن اچڻ جي ادب کان کوبه جواب نٿي ڏنو سون ۽ ان وقت به ماڻ ڪئي سون ۽ چيم ته حضرتا! توهان بيان فرمايو؟ پوءِ پاڻ بيان فرمايو ته هن سائي پوک جي نظر سبب جي مٿان آهي، جيڪڏهن اهو حاصل ٿئيس ٿو ته ترو تازه رهي ٿي، ورنه ته سکي ويندي آهي ۽ جيڪي وڻ برپٽ ۾ بينا هوندا آهن انهن جي نظر مسبب تي هوندي آهي، ان ڪري هميشه ساوا ۽ تازه رهن ٿا.

نقل 13: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن سان خليفي شهداد فقير (قوم هرياه) جي دعوت تي ديهه نواڙه ۾ حاضر هيس، اتي پير سائين جن جي بدن مبارڪ ۾ شوق کان پاڪر پايو وياسون پي، ۽ پاڻ ڪريمن حقيقتون بيان فرمايون پئي ان وقت هن ٻانهي کي اها حالت اچي ويئي جو، هڪ اسرار کي ظاهر ڪيان پيو. اڃان کاف جو حرف زبان تي آندو ئي مس هيم ته پاڻ سڳورن پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي وات تي رکيو ۽ اسرار ظاهر ڪرڻ کان باز رهيس.

نقل 14: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ ڏينهن ميان سيد عاقل محمد ﷺ سان هالاڻي شهر ۾ ملاقات لاءِ ويل هيس جماعت ۾ هڪ مجذوب درويش هو، جنهن صحبت جي مجلس ۾ کاف جو آواز ڪڍيو، اسان بروقت ان جي وات تي هٿ ڏنو ۽ هو ان اسرار ظاهر ڪرڻ کان رکجي ويو.

نقل 15: هڪ دفعي ٻانهي (جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ هڪ ڳالهه، جيڪا مون ابراهيم فقير کان ٻڌي هئي ۽ ان وري هدايت الله فقير کان ٻڌي، اهي ٻئي مخدوم محمد زمان ڪلان لنواري واري جن جا مريد هئا عرض ڪيم ته حضرتا! فقير هدايت الله، مخدوم محمد زمان ڪلان لنواري واري کان ٿي سوال پڇيا، پر بزرگ صاحب انهن جو جواب ٽن سالن تائين ڪونه ڏنو، هڪ ڏينهن ان فقير بي حجاب ٿي پنهنجي شيخ کي چيو ته تون ماٺهو آهين، يا ملائڪ يا ديو! جو اسان کي تنهنجي صحبت ۾ جمعيت اچي ويئي آهي جنهن ڪري خدمت ۾ وينا آهيون ۽ تون "صُمٌّ

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

بُكُمٌ" (ٻوڑو گونگو) ٻہ نہ آهين. جو هيتري قدر سوالن هوندي ٻہ جواب نٿو ڏئين؟ جيڪڏهن ڪنهن اهل الله جي قبر تي ويهجي تہ اهو ٻہ ٻن ڏينهن ۾ جواب ڏيئي ڇڏيندو آهي ۽ توهان آهيو جو تن سالن کان ٻڌل، اڻ ٻڌل ڪري ڇڏيندا آهيو؟ ان کان پوءِ بزرگ مٿو مٿي کڻي فرمايو تہ ڇا ٿو چوين؟ فقير چيو تہ مون کي ٿي مشڪلاتون آهن، اهي حل ڪرڻ فرمايو. بزرگ فرمايو تہ اهي ڪهڙيون آهن؟ فقير عرض ڪيو تہ هڪ جيڪو قرآن شريف حضرت شافع محشر ﷺ جي مٿان نازل ٿيو آهي، اهو ڪنهن اهل معرفت تي نازل ٿي سگهي ٿو يا نہ؟ ٻيو جيڪي ماڻهو صورتي موت سان مرن ٿا، اهي ڪاڏي وڃن ٿا؟ ٿيون هڪ رات تهجد جي وقت سيد محمد معصوم وٽ جهجهه شهر ۾ حاضر هيس! سيد صاحب تهجد جا نفل پڙهيا پي، مون ٻہ انهيءَ جي پرسان تهجد جا نفل ادا ٿي ڪيا تہ ان وقت سيد محمد معصوم جي جسم جهڙا چوڌهن جسم نفلن جي ادا ڪرڻ ۾ مشغول نظر آيا؟ پوءِ مخدوم صاحب لنواري واري هن کي هن نموني سان جواب ڏنو تہ: سيد محمد معصوم کي چوڌهن جسم هئا، اسان چاهيون ٿا تہ هي هڪ جسم ٻہ فنا ٿي وڃي ۽ ذرا ذرا ٿي تحليل ٿي وڃي ۽ جيڪي ماڻهو صورتي موت سان مرن ٿا، اهي انسان ڪامل جي دل ۾ غائب (جذب) ٿي وڃن ٿا! ۽ قرآن مجيد تمام اصلي سند سان گڏ ان ٻانهي تي نازل ٿي سگهي ٿو، جيڪو حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جهڙو عبد ڪامل ٿئي پاڻ ڪريمن کي پويون جواب پسند آيو ۽ فرمايائون تہ ڪوبہ ماڻهو حضرت سيد المرسلين ﷺ جهڙو عبد ڪامل نہ ٿيندو ۽ نہ ٿيٽو آهي، ان ڪري قرآن ڪريم ٻہ ٻي ڪنهن جي مٿان ڪونہ لهندو ڪامل کي جيتري قدر خلق، خلق الله سان پيدا ٿيندو، اوتري قدر ئي قرآن شريف جي اسناد، ان جي حال تي شاهد آهي ۽ ان جو نازل ٿيڻ ٻہ ان جي حق ۾ ٿئي ٿو.

نقل 16: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت ميان صاحب جن هڪ ڏينهن اسان کي وصيت فرمائي تہ معنوي راز بغير ڪتاب جي ظاهر نہ ڪجانءِ. بلڪ هٿ ۾ ڪتاب جهلي ان کان بعد حقيقتون ظاهر ڪجانءِ؟ ڪتاب هجڻ ڪري هر ماڻهوءَ کي يقين اچي ويندو، ان کان پوءِ جيڪي راز وٽئي بيان پيو ڪر.

نقل 17: فيروز فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن نقل ارشاد فرمايائون تہ جڏهن منصور حلاج کي سوليءَ تي چاڙهڻ لاءِ ونيو ويا ٿي، تہ وات ۾ لنين ۽ چابڪن سان ماريندا ٿي ويس. هڪ شخص ماڻهن جي ميڙ مان وڏي آواز سان چيو الله (جل جلاله) منصور چيو منهنجي پير جي هينان آهي ان ڪري ويتر گهٽو ماريائونس هڪ سالڪ منصور جي پير جي جاءِ مٿان نشان ڪڍي ڇڏيو ۽ جنهن شخص الله جو نالو چيو هو ان کان پڇائين تہ الله جي نالي چوڻ وقت تنهنجي دل ۾ ڪهڙو خيال هو؟ هن چيو تہ پنهنجي مسڪيني ۽ ناداريءَ جو خيال هو، جو مون وٽ ٻہ ٿي وڏيون چوڪريون بنا پرٽائڻ جي وينيون آهن. دل ۾ خيال آيو تہ جي رزق جي ڪشادگي ٿئي تہ چوڪرين جي پرٽائڻ جي

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ذمي کان چوتڪارو لهان پوءِ منصور جي پير واري جاءِ کوٽيائون ته خزانو گهٽو (تن کي) هٿ آيو. هن آيت جي موافق: "اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ" (سورة الجاثيه: آيت ٢٣) (ڇا تو ان کي ڏٺو جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجو معبود بنايو) اها دولت گويا هن جو الٰه هئي ۽ هٿ آئي پير سائين جن هن نقل کي هن حقيقت تي مثال فرمائيندا هئا ته بعضي ماڻهو ذڪر کي جذبي سان نٿا ڪن ۽ فيض کان مايوس رهن ٿا، انهن جو سبب هي آهي جو ذڪر ڪرڻ وقت دل کي حاضر نٿا رکن، بلڪ پنهنجي حرص جي فڪر ۾ آهن.

نقل 18: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ دفعي جمعي جي ڏينهن شيخ شبلي خطبي پڙهڻ لاءِ ممبر تي چڙهيو ۽ توحيد جو وعظ فرمايائين ٿي ته اهو قصو شيخ جنيد کي پهتو شيخ جنيد روئي ان کي فرمايو ته خواجه منصور کي ڪالهه غدارن هٿان شهادت ملي آهي ۽ جيڪي اسرار اسان خلوت ۾ بيان ڪندا آهيون، سي تون مسجد ۾ ممبر تي وعظ ڪرين ٿو:

چون قلم در دست غدارے بود
لا جرم منصور بردارے بود

(قلم جڏهن غدارن جي هٿ ۾ هوندو ته منصور ضرور سوليءَ تي ئي هوندو)

چون قلم در دست غدارے اوفتاد
زين سبب ذوالنون در زندان اوفتاد

(قلم جڏهن غدار جي هٿ ۾ آيو، تڏهن ذوالنون اچي قيد ۾ پيو هو)

نقل 19: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته شيخ حلاج منصور کي جڏهن سولي ڏانهن وٺيو ويا پي ان وقت هڪ شخص منصور جي بدن مبارڪ تي لٺيون هنيون پي ۽ غيب کان منصور کي خطاب آيو ته لَا تَخَفْ لَا تَخَفْ (نه ڊڄ) اهو آواز هن ماڻهوءَ جي ڪن تي پيو، تڏهن به مارڻ کان بس نٿي ڪيائين. پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته ان جي حالت منصور جي حالت کان مٿي هئي، جنهن ڪري باوجود هاتف جي آواز ٻڌڻ جي لٺين هٽڻ کان نه ٿي ڏنو.

نقل 20: هڪ ڏينهن ٻانهي (جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن کي زور پي ڏنا، پهريائين لڳن کي زور ڏيئي پوءِ چيلهه کي زور ڏنم، ان کان بعد پاڻ ڪريمن جي قلب مبارڪ تي هٿ رکيم، ته محسوس ٿيو جڏڪ درياهه موجون هٽي رهيو آهي، پڇيم ته حضرتا! هي ڇا ٿئي ٿو؟ پاڻ اکيون مبارڪ بند ڪري گهڙي کن ماڻ ڪري اکيون کولي فرمايائون ته مون کي خبر نه آهي، وري بي پيري اکيون بند ڪري گهڙي کن آرام ڪري هڪ ٽڏي آه ڪڍي فرمايائون ته اسان جي هن لنگهي کي ڪجهه به آرام نه آهي، رات ڏينهن پيو ڳائي ٿو:

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

راه طلب منزل، آرام ندارد!
(يعني منزل جو طالب، آرام نه ڪندو آهي)

نقل 21: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته حضرت مخدوم صاحب جن جي هيءَ عادت هوندي هئي، جو ٻارن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيندا هئا هڪ دفعي حضرت مخدوم صاحب جن جي غير حاضري ۾ چوڪرن پاڻ ۾ جهيڙو ڪيو، هڪ چوڪري ٻئي چوڪري کي ٽڪيا جي لفظ سان پٽيو، هي لفظ ان طرف ڏاڍو گهٽو استعمال ٿيندو آهي. اهو چوڪرو غمگين ٿيو ۽ حضرت مخدوم صاحب جن کي دانهن ڏنائين ۽ روئي چيائين ته حضرتا! فلاڻي چوڪري مون کي ٽڪيا جو پاراتو ڏنو آهي. پاڻ رحم ڪري فرمايائون ته بابا! اهو پٽ جو لفظ نه آهي بلڪ عين دعا آهي! چو ته ڪڙ جيستائين آنو نه ٽڪيندي تيستائين ٻچو نه نڪرندو!

نقل 22: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته مرشد عالم امر ۽ عالم خلق جو جامع آهي غيب جي خزاني مان راز حاصل ڪري، وري عالم خلق ۾ طالبن اڳيان ظاهر ڪرڻ فرمائي ٿو، ۽ عشق ۽ شوق جي باه سندن ساه جي رڳن ۾ وجهي عالم امر ڏانهن کين ونې وڃي ٿو پوءِ هي سنڌي بيت فرمايائون:

ڏاهي ويهي ڏار تي ڪا جالات لتي، آتڻ ۾ اور ٽي، سگهي ڪانه ڪتي
ويڙهي منجهه وتي، ڪيجو ڪانگ ڪمائيو!

(يعني دانا مان مراد ڪامل مرد، جنهن اصل کان فرع وٽ اچي ڳالهه ڪيائين، جنهن ڪري طالبن جي جماعت ۾ ولولو پئجي ويو ۽ دنيا جي ڪمن کان رڪجي ويا ان ڪامل مرد کهڙو نه عجيب ڪم طالبن جي دلين جي اڳڻ ۾ ڪيو).

جتن وڌيس جاڙ، ڪري ڳالهيون ڪيچ جون،
ٽيا پاڻ قرار، مون من گڏي گوندرين!

(يعني حقيقي ملڪ جا سزادار ان ملڪ جون ڳالهيون طالبن کي ٻڌائي درد ۽ شور ۾ وجهي، پاڻ پنهنجي اصلي وطن ڏانهن موٽي ويا، ۽ اسان کي درد ۽ الم ۾ ڇڏي ويا.)

نقل 23: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته مرشد ڪامل ڪرن وانگر آهي، جيئن ڪڪر درياء مان پاڻي پي وسندا آهن، تيئن مرشد ڪامل به غيب الغيب درياء ڏانهن موٽي وحدت جا اسرار حاصل ڪري، ٻين کي فيض بخشي ٿو. هتي هي سنڌي بيت ارشاد فرمايائون!

آگم ڪيو اچن، سڃڻ سانوڻ مينهن جان،
پاسي تن وسن، جي سپ ڄماندر سکيون!

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 24: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ مثلا هڪ ڪوهه آهي، جنهن ۾ چار چشما پليت پاڻي جا جاري آهن ان جي پاڪائي ڪيئن ٿيندي؟ خود جواب فرمايائون تہ ان جي پاڪائي هيئن ڪرڻ گهرجي، جو پهريائين سيني پليت چشمن کي بند ڪري، پوءِ پليت پاڻي کوهه مان ڪڍي سگهائجي ان کان پوءِ جيڪو پاڻي کوهه مان ايندو، اهو صاف پاڪ آهي.

نقل 25: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن اصحابن سگهورن کي حڪم فرمايو تہ حديث جي لفظن کي حرف بہ حرف محفوظ رکو ۽ کاڌ زيادتي يا گهٽتائي جائز نہ رکجو ڇو تہ توهان کان پوءِ منهنجي امت مان اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا، جيڪي حديثن جي حرفن مان قسمين قسمين معنائون ۽ حقيقتون چگي طرح سمجهندا ۽ سمجهائيندا.

نقل 26: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ سلطان العارفين بايزيد بسطامي جڏهن آيت شريف "اَلرَّحْمٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى" (سوره طٰهٰ: آيت ۵) پڌي تڏهن عشق ۽ محبت جي جولان مان، افلاڪن کان لنگهي وڃي عرش تي پهتو ۽ عرش کان پڇا ڪيائين تہ الله تعاليٰ جو ڏس توتي آهي، تون مون کي ڏيکار تہ دلبر جو ديدار ڪيان؟ عرش جواب ڏنو تہ مون ۾ ڏو آهي "قَلْبُ الْمُؤْمِنِ حَرَمُ اللهِ" (مؤمن جي دل الله جو حرم آهي) ان کان بعد ڪمال شوق کان پاڻ ڪريمن فرمايو تہ سبحان الله و بحمده، جو فرش وارا عرش تي ۽ عرش وارا فرش تي الله تعاليٰ کي ڳولين ٿا؟ ۽ اکين مان ڳوڙها هاري هي سنڌي بيت ارشاد فرمايائون:

پورب پورب تب ڪرون جب هينئڙي آون پور!
نهاري ڏانهن سڄڻين لڦون پيڙهم نور،
ماريس انهيءَ مذڪور، سور جيءَ سڄي ساجن نہ ملي.

نقل 27: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشا فرمايو تہ الله تعاليٰ پنهنجي ذات کي پنهنجي صفتن سان گڏ ڏسڻ لاءِ ڪيئي آئينا پيدا فرمايا، پر ڪوبہ ڏسڻ جو لائق نہ ٿيو، ان کان پوءِ عالم قديم پنهنجي علم سان آئينو صورت انسان جو (جيڪو جامع آهي با اعتبار: خَلَقَ اللهُ آدَمَ عَلٰى صُوْرَتِهٖ جي) ظهور ۾ آندائين جنهن ۾ رب کي پنهنجي ذات ۽ صفات نظر آئي.

نقل 28: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن پنهنجي ننڍي پاءُ سيد ميان مرتضيٰ علي شاه کان بيان فرمايائون، ان چيو تہ آئون شهر احمد پور ويس پي، وات ۾ بہ ڪتا پونڪڻ لڳا ۽ منهنجي هٿ ۾ لٺ هئي، اها ڪتن کي ڏيکاريم ۽ انهن کي چيم تہ مون توهان کي سڃاتو آهي ؟ پوءِ پري ٿي ويا ۽ آئون باسلامت احمد پور پهچي ويس ان کان بعد پاڻ فرمايائون تہ احمد پور مان مراد وحدت آهي ۽ اهي بہ ڪتا نفس ۽ شيطان آهن ۽ لٺ "لا" آهي، جنهن سان هو، انهن بن ڪتن کي پري

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪري سلامتيءَ سان وحدت ۾ پهتا آهن.

نفس چون نيست در درون باقی
چه غم از دشمنان آفاقی

(جڏهن منهنجو نفس، مون ۾ باقي نه هوندو، ته پوءِ جهان جي دشمنن مان ڪهڙو غم؟) عربيءَ ۾ چوٽي آهي ته: "اَلسَّلَامَةُ فِي الْوَحْدَةِ وَالْآفَاتُ بَيْنَ الْاِثْنَيْنِ" (سلامتي اڪيلائي ۾ آهي ۽ بن ۾ مصيبت آهي!)

نقل 29: هيڪر حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان فرمايو ته فتح مڪي واري ڏينهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن اٺ جي پوئين چونڪ ۾ سوار هئا ۽ فتح مڪي جي ڪري سڀني صحابين کي خوشين مٿان خوشيون هيون۽ حضور ﷺ جن جو وجود مبارڪ واردات غيبي جي غالب اچڻ ڪري ڪومايل هو، ڇٽڪ اٺ جي چونڪ ۾ نظر ئي نٿي آيا!

نقل 30: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن ٻانهو حضرت پير سائين جن سان سفر ۾ گڏ هو، ۽ گفتگو توحيد جي هلي فقير عرض ڪيو ته حضرتا! موت ڇا آهي؟ جواب ۾ فرمايائون ظاهر ۽ باطن جا اعتبار آيت ڪريم "هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ" (سورة الحديد: آيت ٣) ان جي شان جي لائق آهي پوءِ موت ان جي باطني حالت آهي، حيات ان جي ظاهري حالت آهي.

نقل 31: هڪ دفعي صاحبزادي ميان محمد حسن شاه مثنوي شريف جي چند بيتن جي معنيٰ مون (جامع ملفظات) کان پڇي؟ مون عرض ڪيو ته اهي بيت حضرت پير سائين جن کي ڏيڪارجن، پوءِ صاحبزادي ائين ڪيو ۽ ٻانهي اهو ڪاغذ سندن خدمت ۾ پيش ڪيو، پاڻ ڪريمن بيتن جي مطالعي کان پوءِ فرمايائون ته بيتن جي معنيٰ ٻڌندڙ جي سمجهه ۽ حال موافق بيان ڪرڻ گهرجي اي عزيز! هي مقولو پاڻ ڪريمن جو حديث نبوي جي موافق آهي "كَلِّمُوا النَّاسَ عَلٰى قَدْرِ عُقُوْلِهِمْ" (ماڻهن سان انهن جي عقل جي آڏار تي ڳالهائيو).

نقل 32: سيد اول شاه نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حيدرآباد جي قلعي ۾ حضرت پير سائين جن کي قاضي محفوظ عرض ڪيو ته حضرتا! هڪ ڏينهن عورت مون کان سوال ڪيو ته اي قاضي قرآن مجيد ڏسي منهنجي پٽ لاءِ تعويذ لکي ڏي؟ جڏهن مون هن کي تعويذ لکي ڏنو، تڏهن چيائين ته قرآن مجيد ۾ ڏٺئي ته منهنجو پٽ شفايابَ ٿيندو يا نه؟ مون چيو ته قرآن شريف ۾ تنهنجي پٽ جو ذڪر نه آهي پاڻ ڪريمن فرمايو ت ائين ڇو چيئي؟ حالانڪ الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ هر شيءِ جو ذڪر آندو آهي، هي آيت شريف ان ڏانهن اشارو ڪري ٿي "وَلَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ " (سورة الانعام: آيت ٥٩) (يعني ڪابه آلي سڪي شيءِ نه آهي، مگر چٽي ڪتاب ۾ (ان جو ذڪر) موجود آهي)

نقل 33: فيروز فقير ٽنڊي قيصر فقير نظاماڻيءَ جو رهندڙ نقل ڪري ٻڌو ته هڪ ڏينهن نصير خان مري ديهه ٻاندو ٽالپر (سانگره واهه جي ڪناري تي اها ديهه روپاهه جي پرسان آهي) ۾ حضرت پير سائين جن کي عرض ڪيو ته حضرتا! دل، روح ۽ نفس ۾ ڪو فرق ٻه آهي يا سيئي هڪ آهن؟ پاڻ ڪريمن جواب ۾ ارشاد فرمايو ته جيڪو حال جو صاحب آهي، ان کي ته سڃي خبر آهي ۽ جيڪو بي درد ۽ بي حال آهي ان لاءِ فرق سمجهڻ مشڪل ۽ محال آهي پر توهان جي سوال جي ڪري توهان جي سمجهه آهر، ڪجهه بيان ڪجي ٿو تمثيلي بيان فرمايائون ته آئينو ٻه طرف رکي ٻڌو هڪ طرف بلڪل صاف ۽ شفاف، ۽ ٻيو طرف قلعي لڳل آهي ان ۾ ڪجهه ٻه نظر نٿو اچي ۽ ٻيو طرف جيڪو صاف آهي، ان ۾ ڪيئي رنگ نظر اچن ٿا پوءِ جنهن جو منهن دنيا ڏانهن آهي اهو قلعي کان سواءِ ڪجهه ٻه ڏسي نه سگهندو، ان جو نالو نفس رکن ٿا ۽ جنهن جو منهن آخرت ڏانهن آهي ۽ سڃي همت ۽ طاقت سان ان جي طرف متوجه آهي، پوءِ ان طرف آخرت جنت جا مقام، حوران قصوران ۽ غلمان وغيره جيڪي ان سان تعلق رکن ٿا، اهي نظر اچن ٿا، پر درجي وار، ان کي ڪنهن حال جي ڪري دل چوندا آهن، ۽ ڪنهن جاءِ قلب ۽ روح نالو رکن ٿا پر سمجهه ٻي نموني جي آهي ۽ اهو حال تي ٻڌل آهي.

نقل 34: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته دوزخ تنگ آهي ۽ دنيا وارن جي دل ٻه تنگ آهي ۽ بهشت ڪشادو آهي ته اهل حقيقت جي دل ٻه ڪشادي آهي.

نقل 35: ٻچو فقير منگريو درگاه مبارڪ جو رهندڙ نقل ڪري ٻڌو ته حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ دفعي خليفي ميان الهرڪئي رحمۃ اللہ علیہ ڪنهن مجذوب کان پڇيو ته جيڪا گهوڙي فرعون جي ٻڌڻ وقت، حضرت جبرئيل جي هيٺان هئي، اها ڪهڙي نموني جي هئي؟ ان مجذوب چيو ته ان جو منهن ڪارو هو پوءِ پاڻ ڪريمن فرمايو ته مجذوب عجيب نڪتو ٻڌايو، جو فرعون جو گهوڙو جبرئيل جي گهوڙيءَ پويان لڳي نيل نديءَ ۾ غرق ٿيو، سو جيڪو دنيا ڪميٽي ڪارمهين جي پويان پنهنجي اختيار جو گهوڙو لنگهائيندو اهو يقيناً غرق ٿيندو.

نقل 36: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٻڌو ته حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو ته سيد آدم بنوري جڏهن حضرت نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي روضه اطهر جي زيارت کان مشرف ٿيو ته ڪجهه مدت رهڻ بعد مريدن عرض ڪيو ته حضرتا! هاڻ وطن ڏانهن ورڻ جو ارادو ڪرڻ گهرجي؟ سيد آدم فرمايو ته وڃو مدينه شريف جي چوڪرن کان نيڪ فال ونو؟ ان کان پوءِ کي مريد ٻاهر نڪري چوڪرن کي ڏسڻ ويا ته اهي راند پياکن ۽ چون پيا ته: "يٰاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَ زَوْجُكَ الْجَنَّةَ" (سورة البقره: آيت ٣٥) (يعني اي آدم تون ۽ تنهنجي گهر واري جنت ۾ رهو) اها حقيقت واپس اچي خدمت ۾ پيش ڪيائون پوءِ پاڻ فرمايائون ته اسان کي رهڻ جو حڪم ٿيو آهي توهان وڃو توهان کي اجازت آهي، ان کانپوءِ مديني شريف ۾ وفات لڌائين ۽ جنت البقيع ۾ آرام فرما ٿيو، جيئن ته حضرت امير عثمان غني

رضي الله عنه جي روضي مبارڪ جو ڏاڪٽيو نيسارو سندس مزار تي پاڻي وسائي ٿو ۽ ٻه ٽي ٻيا ولي سڳورا ٻه ان قبر ويجهو آرام فرما آهن.

نقل 37: هڪ ڏينهن ٻانهي (جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! قبر وارن جو سمجهڻ ڪيئن آهي؟ پاڻ فرمايائون ته هي ڪم آسان آهي حاضري بعد جنهن جي دل، جمعيت خاطر آهي، قبر وارن جي جمعيت ٻه ان ڪري آهي ۽ ان جي نفرت قبر وارن جي نفرت تي دلالت ڪندڙ آهي.

نقل 38: رمضان فقير سهتو نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته مرشد ڪوهه وانگر آهي، ۽ جيڪو ڪوهه ۾ پاڻي آهي اهو خدا جي نور وانگر آهي ۽ مريد دلي وانگر آهي ان جو ارادو رسي مثال آهي جيڪڏهن هن دلي کي رسي سان ڪوهه ۾ وجهبو ته پاڻيءَ سان پرجي ايندو هتي خواجه حافظ شيرازي رحمة الله عليه ڪهڙو نه سنو چيو آهي:

در خرابات مغان نور خدا می بينم
واين عجب بين كه چه نورے ازكجا می بينم

(مرشد جي شراب خاني ۾ خدا جو نور ڏسان ٿو، هي عجب ڏس جو ڪهڙو نور ڪٿان ڏسان ٿو)

نقل 39: فقير عبدالخالق (بمبئي) جو رهندڙ مخدوم نورنگ زاده جي اولاد مان هو، اهو نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن درگاهه مبارڪ تي، ٽپهري نماز کان پوءِ مجلس شريف ۾ مير سهراب ٽالپر جي خاص ماڻهن مان ڪو ماڻهو آيو هو ڳالهين نڪرڻ بعد چيائين ته مير صاحب جو فلاڻو پاڻ، رات ڏينهن مثنوي شريف پڙهندو آهي ان وقت پاڻ ڪريمن هي بيت ارشاد فرمايو:

سر من از نالهٔ من دور نيست
ليک چشم گوش را آن نور نيست

(منهنجو راز منهنجين آهُن کان پري نه آهي، پر ڪن جي اکين کي اهو نور نه آهي)

نقل 40: هڪ ڏينهن ٻانهي (جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن کي عرض ڪيو ته حضرتا! مئلن جي روحن کي ختمو ڪيئن بخشجي؟ جواب ۾ ارشاد فرمايائون ته تفصيلوار ختمي بخشڻ وقت سيئي روح نيت ۾ هجن، ۽ نالیوار چوڻ گهرجن، يا مجموعي طرح ختمي بخشڻ وقت حقيقت محمدي (صلى الله عليه وسلم) اکين ۾ حاضر سمجهي ختمو بخشڻ گهرجي ڇو ته اها حقيقت الحقائق آهي پوءِ اهو ختمو خودبخود هر هڪ جي روح کي پهچندو.

اي عزيز! هن حقيقت کي، هن وقت سان سمجهڻ نه گهرجي، ڇو ته هي مقام اجمال (مختصر) جو آهي ۽ هن اجمال ۾ هي سڀ جهان جي خلق، جسمن ۽ روحن سان موجود آهي، جيڪڏهن وڻ جي پاڙ ۾ پاڻي وجهبو ته وڻ جي هر جزي کي ٽاري ۽ قرين، سيني کي ان جي طراوت (تازگي) خود

بخود پهچي ٿي ۽ هي مقام اعليٰ آهي، ولايت جي سيني مقامن کان، هن مقام کي روح اعظم جي جاءِ، ۽ عقل ڪل جي جاءِ حقيقت محمدي ﷺ ۽ وحدت جي نالي سان به سڏيندا آهن، هن حقيقت جو سمجهڻ چوڻ ۽ ٻڌڻ سان معلوم ٿي نه سگهندو:

ذوق ايں مي نشناسي بخدا تا نچشي

(خدا جو قسم هن شراب جو مزو تيستائين نه سجاڻيندين جيستائين ان کي کين چکندين).

نقل 41: عبدالخالق فقير (بمبئي جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن نوشهره شهر ۾ دعوتون ونڻ لاءِ آيا! ان شهر جو شيخ، مخدوم عبدالحئي رحمۃ اللہ علیہ پير سائين جن سان محبت جو رابطو رکندو هو. ان جي عادت هوندي هئي جو ڏينهن جو منهن ٻاهر نه ڪيندو هو اتفاقًا بازار ۾ پير سائين جن سان پنهنجي عادت موافق هلي رهيو هو ۽ پاڻ ڪريم بغير پهراهڻ جي لونگي ڪلهن مبارڪن تي ڪري هليا ٿي مخدوم عرض ڪيو ته حضرتا! توهان ماڻهن جا اڳواڻ ۽ خاص عام جا امام آهيو، توهان کي بازار ۾ منهن کولڻ نه گهرجي پاڻ ڪريمن مرڪي فرمايو ته اي بزرگ! هر ننڍي وڏي کي معلوم آهي ته جيڪا چوڪري ڪنواري هوندي آهي، اها منهن لڪائيندي آهي، ۽ جنهن کي ماءُ پيءُ پرٽائي ڇڏيو، ان لاءِ مشهور آهي ته فلاڻي پنهنجي ڏيءُ جو منهن اگهاڙو ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح اسان جي محبوب به اسان جو منهن کولي ڇڏيو آهي. اي عزيز! سندن هي فرمودو هيئن ٿو معلوم ٿئي ته ان بزرگ کي پردي جي عادت حق کان هئي، ان ڪري هن عالم کان منهن ڍڪيائين ٿي ۽ پنهنجي هستيءَ جو پردو ۽ سڄي خلق ان جي نظرن کان ان لاءِ بلند نه ٿي، بلڪ مستقل هئي ورنه هي سبب، مظاهر حق (حق جا نشان) آهن چوندڙ ڪهڙو نه چگو چيو آهي:

چشم بکشا که جلوه دلدار
متجلّی است از در و ديوار

(رڳو پنهنجي اک کول، جو دلدار جو جلوو، در ۽ ديوار مان چمڪندڙ ظاهر آهي)

پير سائين جن جواب ۾ ڪنواري چوڪري چيو ان مان مراد طالب آهي، جيڪو پنهنجي هستي کان حجاب ۾ آهي ان کي ان يار مان جيڪو هر هنڌ هن جهان ۾ ظاهر آهي ان جي ديدار جي لذت ڪهڙي ايندي! بزرگ ڪهڙو نه چگو چيو آهي:

درو ديوار من آئينه شد از کثرت شوق
هر کجا مي نگرم روئے ترا مي بينم!

(گهٽي شوق کان منهنجي لاءِ در ديون آئينا ٿي ويون آهن. جتي ڏسان ٿو تنهنجو چهرو ڏسان ٿو)

۽ جيڪا پرٽيل آهي ۽ گهٽائي سان متفق آهي ان کي سيئي ظاهر ۽ باطني لذتون مڙس سان

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حاصل آهن، ان مان مراد عارف ڪامل مڪمل آهي جيڪو پاڻ کان فاني ۽ حق کان باقي ٿيو آهي، اهو ڪل آهي ۽ جهان سڄو ان جو جز آهي، ڪل جز کان کڻڻو حجاب ڪندو، بلڪ جز ڪل ۾ موجود آهي ۽ هر حال ۾ جز ڪل جو تابع آهي جڏهن ڪل جز تي غالب ٿي ان جي جزئيت کي وڃي ويو، تڏهن سڀ ڪل ٿي ويو آيت ڪريمه "اِنَّهٗ بِكُلِّ شَیْءٍ مُّحِیْطٌ" (سوره حم السجده: آيت ۵۴) (بيشڪ اهو هر شيءِ کي محيط آهي) جڏهن جز جو سڄو حال ڪل ۾ گهيرو ڪيل آهي تڏهن ڪل جي جز کان نظر کٽڻ جز لاءِ بي فيض رهڻ جو سبب آهي.

نقل 42: هڪ ڏينهن لاڙ ۾ حضرت پير سائين جن جو گذر شيخ هوتي رحمة الله عليه جي مقبري کان ٿيو. فقيرن عرض ڪيو ته حضرتا! هن بزرگ جي زيارت ڪرڻ گهرجي؟ پاڻ ڪريمن مون (جامع ملفوظات) ڏانهن نهاري پنهنجي گهوڙي کي اڳتي هلايو سندن ڀانهي ڏانهن ڏسڻ مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿي ته پاڻ ڪريمن جو وجود مبارڪ ڪل آهي ۽ ٻيا سيئي جهان جا جزا ان جون جزيون آهن، جز کي ضرور ڪل ڏانهن موٽڻو آهي هتي مخدوم محمد زمان ڪلان لنواري واري جن جو فرمودو، جيڪو ان جي مريد ابراهيم کان پڌڻ ۾ آيو ۽ اهو انهيءَ ڳالهه جو دليل ۽ شاهد آهي جو هڪ ڏينهن حافظ هدايت الله کين عرض ڪيو ته حضرتا! جيڪي ماڻهو فوت ٿين ٿا. اهي ڪاڏي ٿا وڃن؟ جواب ۾ ان بزرگ فرمايو ته جيڪي مرن ٿا اهي ڪامل انسان جي قلب ۾ محو ٿي وڃن ٿا ۽ حقيقت ۾ موت ڪجهه به نه آهي.

اي عزيز! انسان ڪامل جي دل درياهه محيط وانگر آهي ۽ ٻيا جهانن جا جزا ڦڙن وانگي آهن، جو انهيءَ درياء کان ظاهر ٿيا آهن، وري ان جي پيٽ ۾ وڃن ٿا، هتي هيءَ حديث چيل آهي: "اَنَا مِنْ نُّوْرِ اللّٰهِ وَ عَالَمُ كُلٌّ مِّنْ نُّوْرِیْ" (يعني مان خدا جو نور آهيان ۽ ٻيا سڀ جهان منهنجي نور مان آهن) مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه پنهنجي سنڌي تصنيف ۾ چيو آهي ته "اصل مڙن ماهيتن ماهية محبوبا" (يعني اصل سيني حقيقتن جو حقيقت محمدي صلى الله عليه وسلم آهي)

نقل 43: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جي حياتي مبارڪ ۾، سندس وفات جو افواه سڄي لاڙ ملڪ ۾ پکڙجي ويو هن خبر پڌڻ شرط مان ۽ ٻيا فقير درگاهه مبارڪ ڏانهن روانا ٿياسين جڏهن خدمت ۾ حاضر ٿي زيارت کان مشرف ٿياسين، تڏهن سڀ ماڻهو ادب کان ماڻ رهيا، فقط هڪ شخص سڀ قصو عرض ڪيو پاڻ ڪريمن مرڪي فرمايائون ته موت هڪ هو، اهو لنگهي ويو، جيڪڏهن ٻيو هوندو ته هوندو.

اي عزيز! پاڻ ڪريمن فرمايو ته موت هڪ هو، اهو لنگهي ويو: "مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا" (مرڻ کان اڳئي مري وڃو) ڏانهن اشارو فرمايو آهي جنهن کان بعد ابدي حياتي ڳنڍجي ٿي وري فرمايائون ته جيڪڏهن ٻيو هجي ته هوندو؟ هي مقام رضا ڏانهن اشارو آهي، جيڪو اصلاً نه هوندو، اهو ڪٽان

ايندو؟ يعني جيڪو ويو سو ويو: اَلْمَوْتُ جَسَرٌ يُوْصِلُ الْحَبِيْبَ اِلَى الْحَبِيْبِ (يعني موت پل آهي دوست کي دوست تائين پهچائڻ لاءِ) جيڪو هن پل کان لنگهيو، اهو پنهنجي محبوب سان گڏيو. وري ان کي هن پل تي اچڻ جي ضرورت نہ آهي ۽ جيڪو عارف "مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا" سان موصوف هوندو، اهو هن جهان مان ڪلي طرح لڏي عالم الاهي ۾ پهتو آهي ۽ عالم خلق سان ڪوبہ ڪم نہ رکي ٿو ۽ موت عالم خلق ۾ هوندو آهي پاڻ ڪريمن بہ يارن کي ان حقيقت سان جواب عنايت ڪيو.

نقل 44: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ ڪتي سيکاريل جو طريقو آهي تہ ان کي حرام شڪار جي پويان هرگز نہ ڇڏيندا آهن ۽ جڏهن حلال شڪار جي پويان لڳائيندا آهن، تہ پهريائين بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهي پوءِ روانو ڪندا آهن؟ پوءِ اهو ڪتو جڏهن شڪار کي ونندو تہ مالڪ جو انتظار ڪندو تہ اهو اچي شڪار کي ذبح ڪري، جيڪڏهن شڪار سختي ڪئي تہ ڪتو ان کي هلاڪ ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ شرعي حڪم ۾ اهو شڪار حلال آهي، ڇو تہ ان جو حڪم ڪيل هو، اهڙي طرح عارف ڪامل جنهن جو نفس مطمئن آهي ۽ انساني بيڙن اخلاقن کان صاف آهي اهو بغير حق جي ڪنهن تي بہ ڪاوڙ نہ ڪندو، جيڪڏهن ڪنهن تي ڪاوڙ ڪيائين تہ اها ڪاوڙ عين خدا جي ڪاوڙ آهي ۽ اهو ضرور حق تي آهي ۽ ان تي اعتراض ڪندڙ عذاب جو مستحق آهي.

نقل 45: حسن علي فقير نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ڏينهن اسان مينهن سان هئاسون، اتي ڏاڍي اڇ لڳي ۽ وري زائل ٿي ويئي، ان وچ ۾ ڏٺم تہ واريءَ تي هلي رهيو آهيان، ۽ پاڻ کي درياءَ جي ٻئي طرف لڏم، حيران ٿيس تہ هي ڇا ٿيو؟ پوءِ گمان ڪيم تہ شايد دريا ۾ کري پيو هوندس، ان اسان کي هن طرف آندو آهي، وري ڪپڙن ڏانهن نظر ڪيم تہ اهي بہ سڪل هئا، کابہ آلاڻ نہ هئي پوءِ سمجهيم تہ ساڳي طرف آهيان، پر مٿو ڦري ويو آهي ايتري ۾ درياء جي ڪناري تي ٻيڙي لنگهي، پوءِ ٻيڙيءَ جي ملاحن کي سڃاڻي سڏ ڪري پڇيم تہ اي ملاحؤ اسان جي مينهن جا پاڻا ڪٿي آهن؟ چيائين تہ حضرتا! درياء جي هُن طرف جيڪي هو وڻ آهن، اهي توهان جي مينهن جا پاڻا آهن! چيائون تہ جي ٻيڙي تي چڙهي هلو تہ اچو؟ پوءِ ٻيڙي تي سوار ٿي درياء جي هن طرف مينهن جي پاڻي وٽ پهتاسون پوءِ فرمايائون تہ هي ظاهري درياء جڏهن بيخودي ۽ کان هوش ۾ آياسون، تڏهن ٻيڙي کانسواءِ پار ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. اهڙي طرح الله تعاليٰ جي وات بيخودي سان آسان ۽ خودي سان ڏکي آهي، بزرگ ڪهڙو نہ سنو چيو آهي:

باخودی کفر بیخودی دین است
ہرچہ گفتیم مغز او این است

(خودي ڪفر ۽ بيخودي دين آهي، جيڪي چيو سون، ان جو هي مغز آهي)

نقل 46: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ڪرسي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تي ويهي وعظ ٿي فرمايو ته هڪ دفعي امير المؤمنين حضرت علي ڪرسيءَ تي ويهي وعظ ۾ ارشاد فرمايو ته مون کي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کان ۾ علم حاصل ٿيا آهن. هڪ اهو جيڪو ظاهر بيان ڪريون ٿا، ۽ ٻيو اهو آهي، جيڪڏهن ان مان ڪجهه ظاهر ٿي پوي ته ٻيا بجاءِ خود، پر منهنجو پٽ حسن (رضي الله عنه) ۾ مون کي رت سان گڏي ڇڏي.

نقل 47: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته ياجوج ۽ ماجوج هر ڏينهن سڪندر واري ديوار کي چٽي ڪاغذ جهڙي سنهڙي ڪري ڇڏيندا آهن، ۽ پاڻ ۾ چوندا آهن ته سياڻي ڀڃي ڇڏيندا سون ۽ الله تعاليٰ جو نالو وچ ۾ نٿا آڻن، ان ڪري فرشتا الله تعاليٰ جي حڪم سان وري ساڳي طرح ان ديوار کي ٺاهي ڇڏيندا آهن ۽ جڏهن ان شاء الله تعاليٰ چوندا ته اها ديوار ڀڃي پوندي. پوءِ ياجوج ۽ ماجوج هن طرف اچي نڪرندا. اهڙي طرح جيڪڏهن شريعت جي ديوار کي امام جو لشڪر ڀڃندو جنهن جو تعلق هستي سان آهي ته پوءِ ٻنهي طرفن کان خدا آهي، ڇو ته اها حقيقت ۽ شريعت آهي مُلان انهن کي ملحد چون ٿا ۽ ملحد حد ڀڃندڙ کي چوندا آهن يعني شريعت جي حد کي ڀڳو اٿن ۽ امام جو نالو حارث آهي ۽ حارث پوک ڪندڙ کي چوندا آهن، ڇو ته اهو سائي پوک پوکڻ جو حريص آهي ۽ هي حريص هدايت جو آهي ۽ ان امام کي هڪ خليفو ٻ آهي ۽ ان جو نالو منصور آهي. منصور حلاج جهڙو قتل ٿيڻ ۽ مارکٽ ۽ ٻين ڪمن کان نه ڊڄندو آهي.

نقل 48: جڏهن حضرت پير سائين جن جي اکين نار صاحبزاده ميان محمد صالح رحمة الله عليه وصال ڪيو، تڏهن پاڻ فرمايائون ته "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ عَلٰى كُلِّ حَالٍ مَّا كَانَ" (سڀ تعريفون الله تعاليٰ جي لاءِ جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي، هر حال ۾ جيڪو ٿيو) ان کان پوءِ حاضرين مجلس کان پڇيائون ته حضرت غوث الثقلين جن جي عادت مبارڪ هئي ته جڏهن ڪو سندن اولاد مان وصال ڪندو هو ته غسل ۽ ڪفن جو حڪم فرمائي پاڻ بذات خود طالبن جي صحبت ۾ مشغول هوندا هئا ۽ حضور اڪرم ﷺ جن حضرت ابراهيم رضي الله عنه جي وصال وقت اکين مان هنجهون ٿي هاريائون. هن ۾ ن مختلف حالتن مان اوهان ڪماليت ڪنهن ڏانهن منسوب ڪندؤ؟ جواب ۾ عرض ڪيوسون ته حضرتا! ڪماليت ته ضرور حضرت سرور عالم ﷺ جي ذات مبارڪ ڏانهن ٿيندي پر تفصيل سمجهايو. پاڻ ڪريمن جواب ۾ فرمايو ته حضرت غوث الثقلين رضي الله عنه جي بي پرواهي، گهٽي قوت حال جي ڪري هئي ۽ حضور انور ﷺ جن جو اکين مان پاڻي آڻڻ، ذات پاڪ والاصفات جو رحمة اللعالمين هجڻ ڪري هو.

باب پارهون

هن باب ۾ ٽي فصل آهن:

فصل پهريون
فقر ۽ قناعت

نقل 1: معتبر راوي کان نقل آهي ته هڪ دفعي حاويلي مبارڪ ۾ فقيرن جي جماعت ۾ ٽي ڏينهن فاقو رهيو چوٿين ڏينهن حضرت پير صاحب تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ جي والده ماجده مصلي جي هيٺان پنج روپيا ڏسي، اهي کنيا. جڏهن حضرت پير سائين جن مسجد شريف کان حويلي مبارڪ ڏانهن تشريف آندائون ته ان وقت بيبي صاحبه اهي پئسا پاڻ ڪريمن کي پيش ڪيا پير سائين جن فرمايو ته هي پئسا ڪهڙا آهن؟ عرض ڪيائون ته مصلي جي هيٺان لڌا اٿم. فرمايائون ته ڪنهن جن ڪنهن جي گهر مان چوري ڪري آندا هوندا. سو حلال نه آهن پوءِ بيبي صاحبه اهي پئسا ساڳي جاءِ تي رکي ڇڏيا ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ ڏٺائون ته نظر نه آيا. پوءِ يقين سان سمجهيائون ته پاڻ ڪريمن جو فرمان برحق آهي ان کان بعد انهيءَ ڏينهن هڪ ماڻهوءَ هڪ ڏاند ۽ ڳاڙهي جوئر جي بوري، پير سائين جن جي خدمت ۾ اڇي نذرانو رکيائين فقيرن ان ڏاند کي ذبح ڪري گوشت جو اڌ ۽ اناج جو اڌ حويلي شريف ۾ موڪلياٸون ۽ باقي اڌ جماعت جي فقيرن لاءِ بچايائون.

نقل 2: هيڪر آئون (جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن سان لاڙ جي سفر ۾ گڏ هيس پاڻ هڪ شهر ۾ نظاماٽين جلواٽين (جيڪي منجها مائٽ هئا) جي رهائشگاه تي زيارت ڪرائڻ واسطي تشريف فرما ٿي. پوءِ اتان سوار ٿي مقرر دعوتن لاءِ روانا ٿيا ۽ مون پاڻ ڪريمن کان اجازت ونڊي پنهنجي ماسي وٽ وڃي وينس اتي منهنجي هڪ مائٽ ڀهاڻ پيش ڪري چيو ته هن مان اڌ پير سائين جن جو آهي. هن جي امانت ڪريو ٻانهي حاجي فقير نظاماڻي کي چيو ته تون انصاف ڪري ڀهاڻ جي قيمت ٻڌاءِ؟ ان پير مرد فقير جي چوڻ تي سورهن روپيه قيمت جو فيصلو ڪيو پوءِ اڌ قيمت مون کي ڏنائون ان کان پوءِ انهن مان هڪ چيو ته هي گهوڙي تکي آهي. مون چيو ته هن کي هلندي لڪڻ هٽو پوءِ سوار ماڻهن لڪڻ هنيو ته ان وقت گهوڙي جي رفتار معلوم ٿي. مون انهن کي چيو ته جيڪا اڌ قيمت مون کي ڏني اٿو. ان کان ٻيڻ قيمت مون کان ونو ۽ گهوڙي مون کي ڏيو انهن چيو ته اسان تنهنجي چوڻ تي فيصلو ڪيو آهي. ان فيصلي تي عمل ڪرڻ گهرجي ان کان پوءِ پير سائين جن جي خدمت ۾ سڄو قصو

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

عرض رکيم پاڻ فرمايائون جيڪو ماڻهو ڏين اها اسان جي ملڪيت آهي، پوءِ گهٽو هجي يا ٿورو هجي.

نقل 3: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ رات درگاهه مبارڪ تي مسجد شريف ۾ ويٺو هيس ۽ سيد پليڏنو شاهه بہ مون سان گڏ ويٺو هو حضرت پير سائين جو ڪوٺري بردار مولڏني فقير مسجد شريف ۾ اچي سيد صاحب کي چيو ته توکي حضرت پير سائين جن باغيچي ۾ گهرايو آهي پوءِ اسان ٻئي مولڏني سان گڏجي هلياسين جڏهن باغيچي جي دروازي تي پهتاسين، تڏهن سيد صاحب باغ اندر ويو ۽ آئون دروازي تي ويهي رهيس ۽ سيد صاحب کي چيم، پير سائين جن کي عرض ڪجانءِ ته فلاڻو فقير دروازي تي بيٺو آهي جڏهن سيد اندر ويو ته ان وقت منهنجو نياپو وسري ويس باغ مان ڪوبہ آواز نہ آيو ۽ هي فقير پنهنجا سوال جواب دل ۾ حاضر رکي انتظار ۾ ويٺو رهيو گهڙي کن کان پوءِ سيد پليڏنو کي ياد اچي ويو ۽ عرض ڪيائين ته حضرتا! فلاڻو دروازي جي ٻاهران ويٺو آهي پاڻ ڪريمن خود باغيچي مان سڏ ڪري، فرمايائون ته اي فلاڻا! اندر اچ آئون آواز سجاڻي اندر ويس ۽ خدمت ۾ ادب سان ويهي رهيس ۽ ڪائنڊ قناعت عنايت ڪرڻ جو سوال ڪيو پاڻ جواب ۾ حديث شريف بيان فرمايائون ته هڪ جماعت غائبانہ اسلام قبولي حضور ﷺ جن جي اڳيان حاضر ٿي، هنن غائبانہ پاڻ تي اسلام جون حدون قائم ڪري مال جي زڪوات پاڻ سان گڏ ڪٽي آيا هئا ڪجهه ڏينهن صحبت حاصل ڪري فيض وارا ٿيا جڏهن وڃڻ جي موڪل ورتائون ته ان وقت ڪين حضور ﷺ جن فرمايو ته توهان سڀني جماعت مون وٽ گڏجي اچو ته توهان کي تحفا ڏيان جڏهن اهي حاضر ٿيا، تڏهن سيني کي تحفا عنايت فرمايائون پوءِ پڇائون ته توهان جي جماعت مان ايان ڪو باقي آهي؟ عرض ڪيائون ته هڪ رفيق سامان وٽ ويهاري آيا آهيون. فرمايائون ته توهان وڃو ۽ ان کي موڪليو؟ پوءِ هي ويا ۽ هو آيو، اهو قد ۾ ننڍو هو ان کي بہ تحفو عنايت فرمايائون. هن عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ مون کي قناعت عنايت فرمايو؟ پيغمبر خدا ﷺ ان تي ڏاڍا راضي ٿيا، ان جي حق ۾ خير جي دعا فرمايائون پوءِ اهي سپ هليا ويا، ان کان پوءِ جڏهن ان جماعت مان ڪو ماڻهو ايندو هو ته حضور ﷺ جن پهريائين ان قناعت گهرندڙ جي پڇا ڪندا هئا سپ ڪو ماڻهو ان جي توڪل ۽ قناعت جو گهٽو بيان ڪندو هو مون هن بيان ٻڌڻ کان پوءِ وري عرض ڪيو ته وجود مبارڪ اوهان جو مظهرذات حضور سرور عالم (ﷺ) جن جو آهي ۽ هي مسڪين بہ بندري قد جو آهي، هن ضعيف جي حق ۾ توجهه فرمايو ته الله تعاليٰ قناعت جي خزاني مان پورو حصيدار بنائي پاڻ مرڪي فرمايائون ته توهان بہ رڳو وتو ٿا گهرندا. فقير عرض ڪيو ته توهان جي ورثي مان اميدوار آهيان، پوءِ هٿ کڻي دعا فرمايائون ۽ گهٽو راضي ٿيا ۽ سيد صاحب عرض ڪيو ته حضرتا! آئون قد جو ڊگهو آهيان مون کي بہ دعا فرمايو ان کي بہ دعا فرمايائون: "اَلْقِنَاعَةُ كَنْزٌ لَّا يَفْنٰى" (قناعت غير فنا ٿيندڙ خزانو آهي)

هر كه در راهے قناعت مرد شد
ملک دنيا بر دل اور سرد شد

(جيڪو ماڻهو قناعت جي واٽ ۾ مرد ٿيو، دنيا جي بادشاهي ان جي دل تي ٺڏي ٿي)

مرد قانع گر گدائے ميكند
در حقيقت بادشاهی ميكند

(قناعت وارو بالفرض سوال به ڪري تہ به حقيقت ۾ بادشاهي ٿو ڪري).

نقل 4: قناعت جي خصوصيتن مان فقير عثمان جيڪو سيد عبدالڪريم سنڌي رحمۃ اللہ علیہ جي طريقي تي هو، ان بزرگ کان نقل ڪري تہ بزرگ پنهنجن يارن مان هڪڙي کي فرمايائين تہ مون کي به يار آهن هڪ اڏ يار ۽ پيو مسڪين، پر سڄو يار آهي توکي ٻئي ڏيکاريندس ان کان پوءِ پهريائين شاهوڪار وٽ ويا، ان ملاقات ۽ مهماني ۾ حد کان وڌيڪ تڪليف جو مختلف طعام تيار ڪرايائين ۽ مهمانداري جون سيئي رسمون بجاآندائين! پوءِ بزرگ فرمايو تہ هي منهنجو اڏ يار آهي، ڇو تہ هن کان هي تڪليفون هميشہ نہ هلنديون ۽ هو اهي زياده ۾ زياده ڏهه پندرهن ڏينهن ڪندو ان کان پوءِ ٻي وات آيا، جيڪو سڄو يار هو ان ملاقات ڪري ادب جا سڀ طريقا بجا آڻي، گهر ۾ وڃي آڻي ويهاريائين ۽ پنهنجي گهر واري کي چيائين تہ اڄ رب ۾ به پيالا پاڻيءَ جا زياده وجهجانءِ پوءِ ان بزرگ پنهنجي ساڻيءَ کي چيو تہ هي سڄو يار آهي ڇو تہ هن کي اسان جي هميشہ رهڻ مان ڪڏهن به ڪا تڪليف نہ ٿيندي جو هن جو خرچ پاڻي جا به پيالا آهن اهي ان تي بار نہ آهي.

اي عزيز! مسڪيني عجيب شيءِ آهي ان جي قيمت ٻنهي جهانن کان مٿي آهي مسڪين ڪانسواءِ هن جو قدر ڪنهن به نہ سڃاتو آهي، مگر حضرت رسول ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن کي به هن وڏي نعمت سان سرفراز فرمايائون جو دعا ۾ چيو اٿس "اَللّٰهُمَّ اَحْيِنِیْ مِسْكِيْنًا وَّ اَمِتْنِیْ مِسْكِيْنًا وَّ احْشُرْنِیْ فِیْ زُمْرَةِ الْمَسَاكِيْنِ" (اي الله مون کي مسڪين ڪري جيار ۽ مون کي مسڪين ڪري مار ۽ مون کي مسڪينن جي جماعت ۾ اٿاريجانءِ) ۽ هي بي انتها خزانو آهي، جنهن ۾ ڪوبہ ڏڪ نہ آهي جيئن تہ پير سائين جن حضور صلی اللہ علیہ وسلم جن جي تابعداري ڪندي پيروي ڪندڙن کي، انهن جي طاقت موجب ان مان گهٽو ڪجهہ عنايت فرمايائون ٿي:

جان آدم راچو سر فقر سوخت
هشت جنت رابيک گندم فروخت

(حضرت آدم کي جڏهن فقيريءَ جو راز معلوم ٿيو تہ انئي بهشت، ڪٽڪ جي هڪ داڻي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جي عيوض وڪٽي ڇڏيائين).

چونکہ چندانی سلیمان کار داشت
کز زمین تا عرش گیرو دار داشت

(جيستائين حضرت سليمان مختلف ڪمن ۾ مصروف هيو، تيستائين زمين کان عرش تائين حڪومت ٿي ڪيائين!)

مسکنت را قدر چون بشناخت او،
قوۃ از زنبیل بافی ساخت او

(ان جڏهن مسڪيني جو قدر سڃاتائين تہ ٽوڪرين ٺاهڻ کي گذر بسر جو ذريعو ٺاهي ان تي ڪفايت ڪيائين ٿي!)

نقل 5: حاجي احمد فقير ٽالپر ٽوڙهو، الهه بخش فقير ٽالپر ڇڇ (اها ديهه ڇرائي جي پرسان آهي) جي رهندڙ کان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن نقل ارشاد فرمايائون تہ هڪ بادشاهه هو، جنهن پنهنجي قلعي جي دروازي تي رهندڙ نوڪرن کي چيو تہ اهڙن بن ماڻهن کي قلعي جي اندر اچڻ هرگز نہ ڏجو. (۱) جيڪو فقيري جي دعويٰ ڪري ۽ (۲) جيڪو ڪيميا جي دعويٰ ڪري. وزيرن اميرن بادشاهه جي حضور ۾ عرض ڪيو تہ بادشاهن جي بادشاهي کي هن بن ٽولن جي ڪري طاقت گهٽي ٿيندي آهي، انهن کي روڪڻ جو ڪهڙو سبب آهي. بادشاهه فرمايو تہ هن بن ٽولن مان جيڪي پنهنجي دعويٰ ۾ سچا آهن، اهي بادشاهن جي پرواهه نہ رکندا آهن ۽ جيڪي ڪوڙا آهن، اهي بادشاهه جي دروازي تي ايندا رهندا آهن ان ڪري منع ڪئي سون چو تہ ڪوڙن جي اسان کي بہ ضرورت نہ آهي.

نقل 6: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايائون تہ ڪنهن بادشاهه جو وڏو وزير هو، ان کي اچي الله تعاليٰ جي طلب، هدايت ڪئي جنهن ڪري وڃي اڪيلائپ پسند ڪيائين ۽ الله تعاليٰ جي ياد ۾ وڃي مشغول ٿيو، هڪ ڏينهن بادشاهه کي ان جي ملاقات جو شوق ٿيو، جنهن ڪري هڪ ماڻهوءَ کي موڪليائين تہ وڃي اچينس پر وزير خدا جي بادشاهي ۾ پاڻ بادشاهه بي پرواهه هو جنهن ڪري ان ڏانهن ڪوبہ لاڙو نہ فرمايائين پوءِ بادشاهه بيحد شوق جي ڪري ان بزرگ اڳيان آيو ۽ چيائينس تہ توهان ۽ اسان ۾ ڪهڙو فرق آهي فقير جواب ڏنو تہ فرق هي آهي تہ تون اسان جي ٻانهي جو ٻانهو آهين بادشاهه پڇو اهو ڪيئن؟ چيائين تہ تون ڪاوڙ ۽ حرص جو ٻانهو آهين ۽ اهي (ڪاوڙ ۽ حرص منهنجا ٻانها آهن، مان انهن جو حاڪم آهيان:

گدا بادشاہ است نامش گدا

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

خشم بر شاهان شه، مارا غلام

(پينو بادشاھ آھي فقط سندس نالو پينو آھي ۽ ڪاوڙ جيڪا بادشاھ جو حاڪم آھي، سا اسان جي غلام آھي)

نقل 7: رحيم ڏنو فقير ڪاڇي نقل ڪري ٿو ته ھڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايائون ته ھڪ دفعي ڏھ روپيا سرڪاري ڏل جا (جيڪي گھوڙن لاءِ جو پوکيا ھئاسون، انهن جا) الڳ ڪري رکياسون ست، اٺ ڏينهن گذري ويا جو الله تعاليٰ ڪجھ بہ نہ موڪليو ۽ بک (جيڪا طالبن جو ڪاڏو آھي) فقيرن جو ڪاڏو ٿيو پوءِ آخر معلوم ٿيو ته ھي جزا انهن ڏھن روپين رکڻ جي آھي ان ڪان پوءِ اھي ڏھ روپيہ خراب ڪري ڇڏياسين ته انهي ڏينهن ئي الله تعاليٰ بند ڪيل ڪلف کي احسان جي چاٻيءَ سان کولي ڇڏيو:

ہر چہ داری صرف کن درراہ او
لن تنالو البر حتیٰ تنفقوا

(جيڪي ھجئي الله جي راھ ۾ خرچ ڪري ڇڏ نيڪي کي تڏھن پھچندين جڏھن پياري شيءِ خرچ ڪندي)

نقل 8: ھڪ ڏينهن ٻانهو (جامع ملفوظات) درگاھ مبارڪ تي حضور ۾ وينو ھو، حضرت پير سائين جن فرمايو ته خليفا! ھڪ ڳالهه ٻڌڻ جھڙي آھي؟ ٻانهي عرض ڪيو ته حضرتا! جيئُ فرمايو پوءِ پاڻ بيان فرمايائون ته فقير واحد ڏنو بورچي خانہ جي خدمتگار ھتي اچي ڇيو ته اچي جوار مُلا خيالي وٽ آھي، اھو چوي ٿو ته جوار ونڻي وجو ۽جڏھن الله تعاليٰ کا شيءِ موڪلي، تڏھن پئسا ڏجو اسان ان کي ان ونڻ کان روڪيو سون پر ھُن ٻہ تي ڏينهن روزانہ اچي پئي ستايو. ان ڪري سندس مرضي تي ڇڏيوسون فقير جوار جو اَن ارڙھن ڪاسا گھٽ وڌ ونڻي آيو ۽ اچي رکيائين پوءِ جيستائين اھو اَن رکيل ھو، تيستائين الله تبارڪ تعاليٰ اسان ڏانهن ڪجھ بہ نہ موڪليو جڏھن اھي داڻا سڀ ختم ٿي ويا، ان کان پوءِ مطلق رزاق فتوحات غيبي مان تمام گھٽي روزي موڪلي آھي (ان ڏينهن اناج ختم ٿي وڃڻ) کان پوءِ الله تعاليٰ جي دربار کليل ڏڻي سون:

ہر کہ در راہ قناعت مرد شد
ملک دنیا بردل او سرد شد

(جيڪو قناعت جي واٽ ۾ مرد ٿيو، دنيا جي بادشاھي ان جي دل تي ٺڏي ٿي وئي)

دلا گر قناعت بدست آوری

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

در اقليم دولت کني سروري

(اي دل جيڪڏهن قناعت کي هٿ ۾ آڻيندين، تہ دولت جي ولايت ۾ سرداري ڪندين).

نقل 9: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضور ﷺ جن جي وصال مبارڪ کان پوءِ جيڪا پهرين بدعت مسلمانن ۾ پيدا ٿي اها ڏئو ڪري کائڻ جي هئي حضور ﷺ جن جي زماني ۾ هڪ ماڻهوءَ بہ پيٽ پري نہ کاڌو هو ان حقيقت بابت حديث شريف آهي تہ: اَلْكَافِرُ يَأْكُلُ فِيْ سَبْعَةِ اَمْعَاءٍ وَّالْمُؤْمِنُ يَأْكُلُ فِيْ اَمْعَاءٍ وَّاحِدٍ (يعني ڪافر ستن آنڊن ۾ کائي ٿو ۽ مؤمن هڪ آنڊي ۾ کائيندو آهي).

نقل 10: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ طالب کي گهرجي تہ جيڪا شيءِ نہ سندس اک ڏني، نہ ڪن ٻڌي ۽ نہ دل ۾ ان جو ڪيس خيال آيو، جيڪڏهن اها شيءِ بغير طالب جي الله تعاليٰ ڪيس موڪلي تہ اها قبول ڪري ۽ ان کي نہ موڪائي، ورنہ الله تعاليٰ ان شيءِ جو سائل ڪندو.

خط مبارڪ

(حضرت پير سائين جن جو خط مبارڪ بزرگ محمد صالح جي سوال بابت جيڪو قناعت جي باري ۾ هو).

سوال: جيڪي الله وارا طالبن فقيرن جي جماعت سان هڪ جاءِ وينا هوندا آهن ۽ صبح شام الله تعاليٰ جي ياد کان سواءِ ڪوبہ ڪم نہ ڪندا آهن ۽ انهن وٽ سڄو ڏينهن تفسير حديث ۽ ديني علم جو چرچو هلندو آهي ۽ انهن جي مجلس ۾ ٻي ڪا بہ ڳالهہ نہ هلندي آهي ۽ اهي ڪيڏانهن اڇ وڇ بہ نہ ڪندا آهن، ان صورت ۾ شاهوڪار ماڻهو کين ڪجهہ خيرات بغير طلب ۽ سوال ڪرڻ جي ڏين ٿا تہ هڪ ماڻهو تن لاءِ فقط گمان سان چوي ٿو تہ انهن جو ويهڻ عين طمع لاءِ آهي جيڪو بغير ڪمائڻ جي انهن کي ملي ٿو اهو حرام آهي هن صورت ۾ شرعًا اهڙو گمان ڪرڻ ۽ اهڙي جماعت جي حق ۾ ائين چوڻ جائز آهي يا نہ؟ (بينوا توجروا)

جواب: ظاهر آهي تہ ان ٻاڻ کي ائين چوڻ نہ گهرجي، ڇو تہ طمع ۽ توڪل عبادتون آهن، جن جو تعلق دل سان آهي ۽ نہ فعل سان پوءِ اهو بزرگ جيڪڏهن "جواسيس القلوب" آهي (يعني دلين جو جاچيندڙ) ۽ ڪشف سان معلوم ڪيو اٿس، تڏهن بہ ان کي زبان تي آڻڻ نہ گهرجي ڇو تہ اصحاب قلوب کي الله پاڪ جي عادتن سان موصوف ٿيڻ نهايت لازم آهي، ۽ پوءِ ان کي گهرجي تہ ستاري (ڍڪ) عادت اختيار ڪري جيئن اسان جي پيغمبر ﷺ جن جي عادت مبارڪ هئي پوءِ جيڪڏهن اهو گفتگو پرپٽ آهي تہ گلا آهي ۽ الله تعاليٰ فرمايو: "وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ" (سورة الحجرات: آيت ۱۲) (يعني توهان هڪ ٻي جي گلا نہ ڪيو ڇو تہ توهان مان ڪو اها ڳالهہ پسند ڪندو جو پنهنجي مئل ٻاڻ جو گوشت کائي؟ پوءِ توهان ان کي برو سمجهيو ٿا) ۽ جيڪڏهن

روبرو چوي ٿو ته، جي جماعت ۾ ڏاڍيان چيائين برائي کان روڪڻ جي خيال سان ته اهو مؤمن جو عيب پکيڙڻ آهي ۽ ان جو گناهه نفعي کان به وڏو آهي ۽ چڱائي جو حڪم لکل کي لکائي چوڻ گهرجي ۽ ظاهر واري کي ظاهر ڪري چئجي پر جي هو جواسيس القلوب نه آهي ته ڪنهن مؤمن کي طمعدار سمجهڻ بروگمان آهي ۽ اسان کي حڪم آهي: "ظُنُّوْا بِالْمُؤْمِنِيْنَ خَيْرًا" (يعني مؤمن سان چڱو گمان ڪريو) الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته "اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ" (سورة الحجرات: آيت ١٢) (بيشڪ بعض گمان گناهه آهن) ۽ ان کي زبان تي آڻڻ افتريٰ (بهتان) آهي، ۽ الله تعاليٰ جو فرمان آهي "اِنَّمَا يَفْتَرِى الْكَذِبَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ" (سورة النحل: آيت ١٠٥) (يعني ڪوڙ کي اهي ٿا ٺاهين، جيڪي آيتن تي ايمان نٿا آڻين) پيو ته جي ڪو بزرگ اڪمل ۽ تارڪ الاسباب آهي، اهو جيڪڏهن ڏٺي يا ونيو ٿو ته الله تعاليٰ جي وات ۾ ڏٺي ٿو ۽ پاڻ کي ان کان آزاد رکي ٿو ۽ اهو قناعت ڪندڙ مان آهي: "اَلْقِنَاعَةُ تَرْكُ الطَّمَعِ وَالْمَنَعِ وَالْجَمَعِ" (يعني قناعت هي آهي ته طمع نه ڪري جي اچي ته منع نه ڪري ۽ ان کي جمع نه ڪري) چو ته اها اسان جي پيغمبر ﷺ جن جي صفت آهي ۽ مهاجرن فقيرن جي تابعداري آهي، جيڪي اصحاب صُفه جا هئا پوءِ جيڪڏهن حقوق الله جي ادا ڪرڻ کان پوءِ اهي جمع ڪن ٿا ته اهو الهام سان هوندو چو ته اولياءَ الله الهام جا تابع هوندا آهن، ۽ مباح ڪمن ۾ (جيئن امير المؤمنين حضرت عثمان رضي الله عنه ۽ خواجه عبيد الله احرار رحمة الله عليه جن مال خرچ ڪيو) اهو مال خرچ ڪندا آهن ۽ پڻ حاڪمن، شاهوڪارن کان به ڏنل خير ونيو سگهجي ٿو چو ته سندن سڄو مال حرام نه هوندو آهي، ضرور ان ۾ حلال به ڪجهه هوندو جيڪو انهن الله وارن کي پهچي ٿو: "وَالطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيْنَ" (سورة النور: آيت ٢٦) (پاڪ شيون پاڪن لاءِ آهن) ۽ اسان کي لائق نه آهي جو اولياءَ الله کي پاڻ تي قياس ڪريون هڪ بزرگ فرمايو آهي ته:

موسے اندر درخت و آتش دید
سبز تر میشد آن درخت از نار

(حضرت موسيٰ وڻ ۾ باهه ڏٺي پوءِ انهيءَ باهه سان وڻ وڌيڪ سائو ۽ تازو ٿي ٿيو)

شهوت و حرص مرد صاحب دل
همچنان دان وهمچنان انگار

(الله واري جي خواهش ۽ حرص کي به، اهڙي طرح ئي سمجهه ۽ ان وانگر ڪري ڄاڻ!)

کار پاکانرا قیاس از خود مگیر

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گرچه باشد درنوشتن شير و شير

(پاڻ جي ڪم کي پاڻ تي قياس نه ڪر، جيتوڻيڪ لکڻ ۾ شير (شينهن) ۽ شير (کير) هڪ جهڙا آهن)

جمله عالم زين سبب گمراه شد
کم کس از ابدال حق آگاه شد

(اڪثر جهان وارا انهيءَ ڪري گمراهه ٿيا، جو اهي ابدالن (الله وارن) کان ڪونه واقف ٿيا.

کافران رادیده بینا نبود
نیک بد درچشم ایشان یک نمود

(ڪافرن کي ڏسڻ واري اک نه هئي، جو چڱا ۽ برا، انهن کي هڪ جهڙا ڏسڻ ۾ آيا)

همسری با انبیاء برداشتند
اولیا را همچو خود پنداشتند

(انهن نبين سان برابري جي دعويٰ ڪئي ۽ ولين سڳورن کي پاڻ جهڙو سمجهيائون)

گفت اینک ما بشر ایشان بشر
ما وایشان بسته خوابیم و خور!

(چوڻ لڳا هي بشر آهن ۽ اسان بہ بشر آهيون، اسان ۽ هي مڙئي ننڊ ۽ کائڻ جي عادت رکون ٿا)

این ندانستند ایشان از عمیٰ
هست فرق درمیان ے انتها

(انهن انڌن کي اها خبر نہ پئي تہ ٻنهي جي وچ ۾ بي انتها فرق آهي)

هر دو گون آهو گیاه خوردندو آب
زین یکے سر گین شدز آن مشکناب

(ٻنهي قسمن جي رهڻن، هڪ ئي جوءِ مان گاهه کاڌو ۽ پاڻي پيتو، پر هڪ مان ڦولڙهيون ۽ ٻئي مان مشڪ ٺهيو)

این خورد زاید همه بخل و حسد

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

وآن خورد زايدهمه نور احد

(هن جي ڪائڻ سان بخيلي ۽ ساڙ پيدا ٿيندو آهي، مگر نبي سڳوري جي ڪائڻ سان خدا جو نور ظاهر ٿيندو آهي) ٻيءَ جاءِ تي فرمائي ٿو ته:

صاحب دل راندارد آن زيان
گر خورد اوزهر قاتل راعيان

(ولي جيڪڏهن قاتل زهر کائيندو، ته به کيس کو نقصان کونه رسندو).

اي پاڻ! جڏهن اولياءَ الله ڏکيل آهن جيئن حديث قدسي ۾ آهي: "اوليائي تحت قبائي لا يعرفهم غيري" (يعني منهنجا اولياءَ منهنجي قباءَ جي هيٺان ڏکيل آهن انهن کي کوبه مون کانسواءِ سجاڻي نٿو سگهي) پوءِ هر ماڻهو جو خيال ۽ ان کان خوف ڪرڻ گهرجي جيئن حضرت شيخ سعدي رحمة الله عليه فرمايو آهي؛

هر بيشه گماں مبر که خاليست
شايد که پلنگ خفته باشد

(اهو گمان نه ڪر ته هر جهنگ خالي آهي، شايد ان ۾ کو چيتو شينهن ستل هجي)

شنيدی که چون راه بردم بدوست
هر آنکس که پيش آمده گفته اوست

(تو هي ٻڌو ته ڪيئن دوست ڏانهن وڃي پهتس، جيکو به منهنجي اڳيان آيو ٿي مون چيو اهو، اهو آهي.)

۽ حديث شريف ۾ آيو آهي، جنهن جو ترجمو آهي ته: الله تعاليٰ جا ولي جهان ۾ اهڙو گم ۽ لکل آهن، جو جيڪڏهن اهي مجلس ۾ حاضر نه ٿين ته انهن کي کوبه نه طلبيندو جيکو الله تعاليٰ جي ولي جي دل ڏکوئيندو، ان ڇڻ ته الله تعاليٰ سان جنگ جوٽي "پاڻ محمد صالح کي گهرجي ته جيڪڏهن کو غيبت ۽ گلا ڪري ته توهان پاڻ کي ان جي گلا کان بچايو (يعني ان کان پاسو ڪريو) چو ته:

بدی رابدی سهل باشد جزا
اگر مردی احسن الی من عصیٰ

(بڇڙائي جي بڇڙائي سان جزا ڏيڻ آسان آهي، جيڪڏهن مرد آهين ته برائي کندڙ سان چڱائي ڪر)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 11: حضرت پير سائين جن حديث شريف مان ارشاد فرمايائون ته هڪ ڏينهن نماز ادا ڪرڻ لاءِ نبي پاڪ ﷺ جن اٽيا ته سندن جسم اطهر بي اختيار لرزش ۾ اچي ويو ايتري قدر جو سندن گوڏا مبارڪ زمين تي اچي پيا ۽ حضرت ام المؤمنين بيبي عائشه صديقه ڪين اٽاري عرض ڪيو ته ٻنهي جهانن جا مقصود ۽ محبوب ڪهڙو سبب آهي؟ پاڻ فرمايائون ته جسم جي لرزش گهٽي بڪ جي ڪري آهي ۽ مرشد ڪريمن هي ٻه فرمايائون ته ڪنهن صحابي سڳوري کان حديث شريف روايت ٿيل آهي ته حضور ﷺ جن جي حرم مبارڪ ۾ ڪيترائي ڏينهن باهه ڪانه ٻرندي هئي.

نقل 12: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ دفعي ميان مخدوم احمدي رحمۃ اللہ علیہ (ڪهڙن شهر جو رهندڙ، جيڪو ظاهري عالمن ۾ وڏي پايه جو عالم هو) اهو ۽ ٻيا عالم: "اَلْفَقْرُ سَوَادُ الْوَجْهِ فِي الدَّارَيْنِ" حديث جي معنيٰ ۾ منجهي پيا، آخر پاڻ ۾ انجام ڪيائون ته حضرت ميان صاحب جن کان پڇنداسون هڪ ڏينهن حضرت ميان صاحب جن ٻه ان ديهه ۾ تشريف فرما ٿيا ته بزرگن پنهنجي دل جو مضمون اچي بيان ڪيو حضرت ميان صاحب جن فرمايو ته پهريائين ظاهري معنيٰ ڪريو ته توهان کي سمجهائينداسون. عالمن چيو ته فقيري منهن جي ڪاراڻ آهي ٻنهي جهانن ۾ "پوءِ ميان صاحب جن فرمايو ته حديث شريف جو مفهوم ٺيڪ ۽ برحق آهي يعني اڪ جي روشنائي ڪاري ماڻڪي ۾ آهي، جيڪا اڪ ۾ موجود آهي مطلب ته فقيري منهن جي روشنائي آهي ٻنهي جهانن ۾ ۽ فقيري وارو ابدي نور جو حامل آهي.

نقل 13: شاهو فقير ٽنڊو سيراني جو رهندڙ (اها ديهه ماند جي پرسان آهي) نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن درگاهه مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ وينو هيس ۽ پاڻ قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول هئا، ان وقت حاجي عبدالله فقير رند (جيڪو پير سائين جن جو مريد هو) ڪين پاڪر پائي عرض ڪيائين ته اي قبلہ عالم مون کي خدا حاصل نه ٿيو، هاڻي دنيا جي سامان ۽ گناهه ۾ مشغول ٿيان ٿو پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو ته اي پاڻ نعمت جو شڪر بجا آڻ چو ته شاهي ڇٽ جنهن کي نصيب آهي ان جي مٿي تي رکن ٿا ۽ بادشاهه جي ملازمن کي جيڪي شاهي فرمانبرداري سان ممتاز ۽ مشرف آهن، سي سيئي نعمت جو شڪر بجا ٿا آڻين، چو ته نعمت جو شڪر عزت کي وڌائيندڙ آهي.

نقل 14: سائينڈنو فقير لاکو نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن خليفي ميان سعيد خان (مابائي) حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! طعام کائڻ مان کهڙا ماٺهو لذت حاصل ڪندا آهن جواب ۾ ارشاد فرمايائون طعام کائڻ مان فقير لذت ونن ٿا جيڪي اڳيان اچين سو کائن ۽ طعام مان عيب نه ٿا ڏين، ۽ شاهوڪار اگرچ طعام کائن ٿا، پر انهن جي زبان عيب ڏيڻ کان پاڪ نه آهي، ان ڪري هو شڪر ۽ لذت کان محروم آهن.

نقل 15: يعقوب فقير نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي درگاهه مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي

حضور ۾ حاضر هيس، ڀانهي کي فرمايائون ته جيڪو طعام جو حصو فقيرن جي ديڳ مان توکي ملي اهو اسان کي ڏيکارجانءِ. ان وچ ۾ ڇهه وقت متصل فاقو هو "اَلْجُوْعُ قُوَّةُ الْعَاشِقِيْنَ" (بک عاشقن جي خوراڪ آهي) ۽ ستين وقت کان پوءِ اڌ روپيه جي ڪٽڪ ديڳ ۾ فقيرن لاءِ پچايائون ۽ مون کي به ان مان اڌ چمچو حصي ۾ آيو، ان کي پنهنجي پراٽي ڪپڙي ۾ وجهي پاڻ ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ڪيم پاڻ ان جو معائنو ڪري اکين ۾ پاڻي آڻي فرمايائون ته اي منهنجا يارؤ! مان خدا جي طالبن کان تمام گهٽو شرمندو آهيان، ڇو ته انهن جي پوري خدمت بجا نه ٿي ٿئي، پر پڪ ڄاڻو هنن بکن جو عيوض الله سبحانه تعاليٰ وٽ وڏيون وڏيون نعمتون آخرت ۾ موجود آهن.

نقل 16: حامد فقير منگريو نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن فرمايائون ته هڪ دفعي شيخ طيب ﷺ جي مقبره تي فقيرن جي جماعت سان اٺ راتيون رهيا هئا سون، انهن سپني راتين ۾ طعام العاشقين جنهن مان مراد بک آهي، اهو اسان جي روح جو ڪاڏو هو انين رات الله تعاليٰ هڪ پيالو ڪير جو اسان مڙني جي قوت لاءِ موڪليو پوءِ ان پيالي مان اسان ۽ سڄي جماعت فقيرن جي ڪير پيتو.

نقل 17: حضرت پير صاحب بنگلي ڏٽي ﷺ، حضرت پير صاحب تجر ڏٽي ﷺ جن کان نقل بيان فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته اي بابا ماني جيڪا حاضر هجي، اسان لاءِ حويلي ۾ وڃي ڪٽي اڇ مون هڪ ماني جوار جي ۽ پي ماني ڪٽڪ جي جيڪا ٻن يا ٽن ڏينهن جي پڪل هئي، فرمان موجب ڪٽي اڇي حاضر ڪيم پاڻ ان مان ڪجهه واپرايائون ته ايتري ۾ پي تازي ماني پاڻ ڪريمن لاءِ تيار ڪرائي حاضر ڪئي وئي عرض ڪيم ته حضرتا! تازي ماني حاضر آهي، جواب ۾ فرمايائون ته جيڪي ڪائٽو هو ڪاڏو سين ۽ تازي ماني ڪجهه به استعمال نه ڪيائون شيخ سعدي ﷺ ڪهڙو نه سٺو چيو آهي:

دلا گر قناعت بدست آوری
در اقليم راحت کنی سروری

(اي دل جيڪڏهن قناعت هٿ ۾ آڻين ته جيڪر آرام جي ولايت ۾ سرداري بادشاهي ڪرين!)

نقل 18: ميڏنو فقير پليجو نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ شخص خدا جي طالب سرهن آباد ڪئي هئي، انهيءَ پوک جي حفاظت لاءِ پاڻ اتي رهندو هو هڪ ڏينهن ان جي ڏيءَ سرهن جي پنن جو ٻوڙ ان جي ڪائڻ لاءِ آڻي چيو ته بابا! اسان جي گهر ۾ جيڪو آئٽ ڪتڻ جو هو سو پڄي پيو، ان ڳالهه ٻڌڻ شرط هن وجد طاري ٿي ويو ۽ ليٽندو ڪرندو، سرهن کي پڄيندو پاڙان پٽيندو رهيو جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن سندس ڏيءَ پڇو ته بابا! وجد جو ڪهڙو سبب هو؟ چيائين ته اي ڏيءَ جيڪا تو ڳالهه چئي ته اسان جي گهر وارو آئٽ ڪتڻ جو پڄي پيو، انهيءَ جي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

خوشي کان الحمد لله جو فرعوني سامان جيڪو اسان جي گهر ۾ هو پڄي پيو!

نقل 19: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ دفعي عارف حاتم اصم رحمۃ اللہ علیہ پنهنجن مريدن کان پڇيو ته جيڪڏهن توهان کان ڪو ماڻهو پڇي ته حاتم اصم جي مريدي مان توهان کي ڇا حاصل ٿيو آهي ۽ توهان کي ڪهڙي تلقين ڪئي اٿس ته ان کي ڪهڙو جواب ڏيندؤ؟ چيائون ته اسان جواب ڏينداسون ته اسان کي علم سيکاريو اٿس. حاتم جواب ۾ فرمايائين ته مون کي علم ڪجهه به نه آهي، توهان کي ڪيئن حاصل ٿيو؟ چيائون ته اسان کي حڪمت سيکاري اٿس. فرمايائين ته حڪمت به مون کي نه ايندي آهي، بعد ۾ مريدن عرض ڪيو ته حضرتا! ڪهڙو جواب ڏيون، جيڪو حڪم هجي. فرمايائين ته سوالين کي هن طرح جواب ڏيو ته حاتم اصم اسان کي هي نڪتو تلقين ڪيو آهي ته جيڪي توهان جي هٿ ۾ هجي، ان تي راضي رهو ٻين جي هٿن ڏانهن نه ڏسو.

نقل 20: خليفي ميان الهرڪيي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو ته فقر اضطراري کي فقر اختياري سان، صورت ظاهر ۾ مناسبت آهي ليڪن باطن ۾ وڏو فرق آهي جيئن ظاهري نشي واري کي معنوي سڪر جي صاحب سان فقط نشي جي صورت ۾ مناسبت آهي ۽ بس.

فصل ٻيون

فتوحات جو اچڻ

نقل 1: ميان غازي خان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت مخدوم صاحب جن جي گهر وارن باس باسيائون تہ جيڪڏهن ڏڪيءَ کي گابي ڇائي تہ پنج پئسا، حضرت پيران پير جن جو نذرانو ڏيندا سين. جڏهن گابي ڇائي تہ جنهن وقت حضرت ميان صاحب جن حضرت مخدوم صاحب وٽ صحبت لاءِ ويا، ان وقت اهي پنج پئسا نذر وارا مخدوم صاحب جن کٽي حضرت ميان صاحب جن جي چادر جي پلوءِ ۾ ٻڌا ۽ خبر ٻڌايائون تہ هي پئسا حضرت پيران پير دستگير رضي الله عنه جو نذر آهن، جو اسان جي گهر ۾ نذر ڪيو هئائون تہ جي گابي ڇائي تہ پنج پئسا پيران پير جا نذر ڏيندا سون. اهي پنج پئسا توهان جي ڪپڑي ۾ ٻڌا ويا آهن حضرت ميان صاحب جن اگرچہ اڳ ۾ ڪنهن کان بہ نذرانو ڪونہ ونندا هئا، ليڪن ان کان پوءِ ڪوبہ نذرانو آڻيندو هو تہ ان جو قبول ڪندا هئا.

نقل 2: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ طالب کي گهرجي تہ جيڪي ان جي اک ڏٺو نہ ڪن ٻڌو نہ دل ۾ ان جو خيال آيو اهو الله تعاليٰ سندس پلائي لاءِ ان ڏانهن موڪلي تہ ان کي قبول ڪري ۽ واپس نہ ڪري جيڪڏهن نہ تہ الله تعاليٰ ان کي ان شيءِ جو سوالي بنائيندو.

اي عزيز! پير سائين جن جي هن فرمان جي حقيقت هن ٻانهي جي تجربي ۾ آيل آهي جو هڪ دفعي ڪچ ملڪ ۾ پيچ جي شهر ۾ ڏوسل فقير ميمڻ گهوڙن جو تنگ خريد ڪري، ٻانهي جي اڳيان نذرانو ڪيو مون ان جي مسڪيني ۽ غريبي جي ڪري قبول نہ ڪيو فقير ويچاري گهٽو گريو ۽ زاري ڪئي پر مون ان جي مسڪيني ۽ عاجزي کي مدنظر رکندي قبول نہ ڪيو ۽ فقير واپس کٽي وڃي وڪٽي ڇڏيو اڇي چيائون تہ گهوڙن جا تنگ تمام پراٽا ٿي، ٽٽي ويا آهن، سي نوان گهرايا وڃن بعد ۾ سڄو شهر ڳوليو ويو، پر هڪ تنگ بہ سڄي شهر مان قيمت سان هٿ ڪونہ آيو! ان وقت مون کي پاڻ ڪريمن جو فرمان "كَالْوَحْيِ مِنَ السَّمَاءِ" دل ۾ ياد آيو.

نقل 3: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ طالب کي گهرجي تہ کنهن ۾ طمع نہ ڪري ۽جيڪڏهن بغير طمع جي ڪا شيءِ اڇي وڃي تہ ان کي منع نہ ڪري ۽ جڏهن هٿ اڇي تہ وري ان کي جمع نہ ڪري جيئن "ترك الطمع والمنع والجمع" آيل آهي ۽ ان ۾ ئي حضرت رسول اڪرم ﷺ جن جي پيروي آهي.

فصل ٽيون
قضا جي مٿان راضي رهڻ

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ انبياءَ، اولياءَ ۽ عوام الناس (عام ماڻهو) موت جي تقدير نازل ٿيڻ ۾ بيمارين ۽ ٻين حادثن ۾ برابر آهن پر نبين، ولين ۽ عام ماڻهن ۾ فرق هي آهي جو نبي ۽ ولي مصيبتن تي صبر ڪن ٿا ۽ يقين اٿن تہ "لَا رَدَّ لِلتَّقْدِيْرِ" (يعني تقدير کي موٽ نہ آهي) جيڪو ٽيٽو هوندو اهو ضرور ٽيندو پوءِ رضا ۽ تسليم سان ڪنڌ جهڪائن ٿا ۽ ڇا لاءِ ۽ ڇو نٿا ڪن پير سائين جن هتي هي سنڌي بيت ارشاد فرمايائون:

سيوئي سهه جندڙا جيڪي ڏنائون،
مڃوءُ ڇنائون اي پڻ ڳنڍيو آهي سڃٽين

(يعني سڀ قبول ڪر اي جان جيڪي ڏنو اٿن نہ ڇڪو تہ ڇنو اٿن بلڪ هي سڀ دوستن جو ڳانڍاپو آهي)

۽ عام ماڻهن جو هي حال آهي جو جيڪڏهن الله جي حڪم موجب مقدر حادثو پهچين ٿو تہ پهريائين ان جي روڪڻ جون بيهوديون تدبيرون ڪندا آهن، آخر هاءِ گهوڙا ٻہ ڪندا آهن ۽ صبر ۽ شڪر کي ڇڏي شرڪ جا لفظ زبان تي هلائيندا ۽ چوندا تہ جيڪڏهن هيئن نہ ڪريون ها تہ هي تڪليف اسان کي ڪونہ پهچي ها. جيڪڏهن هيئن ڪريون ها تہ هيئن ٿئي ها ۽ حقيقي سبب کان منهن موڙي بيڪار سببن ۾ حيران ۽ پريشان ٿين ٿا هن باب ۾ مولوي رومي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي:

چون قضا آيد طبيب ابله شود،
آن دوا در نفع خود گمره شود

(جڏهن قضا اچي تہ طبيب بيوقوف ٿي وڃي ٿو، ۽ پوءِ اها دوا ٻہ نفعو نٿي ڏئي) ۽ هتي سنڌي بيت ٻہ ارشاد فرمايائون تہ:

سڃڻ سنيون ڪن لوڪان ليکي ڏنگيون
سنڌي سپيرين پر پروڙڻ ڏاکڙي!

(يعني دوست سڏي ڪن ٿا ۽ خلق ڏنگو سمجهي ٿي ۽ دوستن جو طريقو سمجهڻ مشڪل آهي)

نقل 2: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي اڳيان وينو هيس پاڻ منهن مبارڪ ٻانهي ڏانهن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪري فرمايائون تہ گھٽن ماڻھن کي گفتگو ۾ هي لفظ تڪيو ڪلام هوندا آهن تہ "جا وڻي، سا واھ، ڪلئون قريبن کي" مون کي دل ۾ خيال آيو تہ انهن سان ٻيا لفظ ملايا وجن ۾ اهي هي آهن:

لاهوتي لاهوت ڏي، رڙهن سنجهه صباح،
ڏک سک برابر ان کي، اورن ساڻ الله
سکن ۾ سالڪ سي، سرهو ڪن نهه ساھ،
ماندائي ۾ مرشد چوي، چلن منجهارئون چاھ،
چون، جا وڻي سا واھ، ڪلئون قريبن کي!

(يعني لاهوت وڃڻ وارا رات ڏينهن لاهوت وجن پيا ۽ غم، خوشي انهن کي خدا جي طلب ۾ برابر آهي اهي سالڪ پنهنجي روح کي خوش نہ ٿا ڪن مرشد چوي ٿو تہ هو ماندائي سبب خوشي ۾ وجن ٿا ۽ چون ٿا تہ جيڪي قريبن کي پسند اچي سو سڻو آهي.

نقل 3: جيڪڏهن حويلي اندر ڪو ٻار وفات ڪري ويندو هو تہ ان ڪري ڪن گھر وارين ٻيبين جي ٻہ عادت قضا تي راضي رهڻ جي هئي جيڪي هڪ ڦڙو ٻہ اکين مان نہ هارينديون هيون ۽ ڪن حرمن کي بشري عادت جي ڪري اکين مان پاڻي اچي ويندو هو حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ جنهن کي پاڻي روئڻ بغير اکين مان اچي ان کي ٻہ رضا ۽ تسليم نہ آهي صاحب رضا اهو شخص آهي، جيڪو هرگز ڪنهن ٻہ قضيي وقت اکين مان پاڻي نہ هاري.

نقل 4: هيڪر حضرت پير سائين جن رضا جي باب ۾ نقل ارشاد فرمايو تہ هڪ عورت لسي وڪٹندڙ جهنگل کان شهر اچي رهي هئي اتفاقًا هڪ ميهار شخص وات ۾ ملاقي ٿيس ۽ اهو هن کي ٻانهن مان وڻي جهنگل ڏانهن هليو ويو پوءِ جڏهن اها عورت پنهنجي سر تين سان واپس اچي ملاقي ٿي، تڏهن هن انهن کي سڄو قصو ڪري ٻڌايو ۽ بيان ڪيائين تہ آڻون جهنگل مان وات وڻيو آيس پي تہ هڪ جوان اچي مون کي ٻانهن مان جهلي جهنگل ڏانهن وڻي ويو، مون دل ۾ چيو تہ ڪجهه ٻہ نہ چئو ڏسان تہ ماريو ڇا ٿو ڪري؟ پير سائين جن اهي لفظ جيڪي ان عورت پنهنجي رفيقياڻين کي چيا هئا زبان مبارڪ تي آندا: وٹتائين ٻانهن، موڙيائين ڪانهن، مان ٻہ چيو ڇڏ تہ ماريو ڇا ٿو ڪري؟ (يعني ٻانهن ورتائين ۽ ڪانهن ۾ وڻي ويو، مون دل ۾ چيو ڇڏ تہ هي مڙس ڇا ٿو ڪري).

نقل 5: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ شخص حضرت خواجہ نقشبندي رحمۃ اللہ علیہ وٽ مريد ٿيڻ آيو خواجہ صاحب ان کي چيو تہ آڻون توکي مريد نہ ڪندس جو تون هن دولت جو لائق نہ آهين پوءِ جڏهن ان تمام گھٽي زاري ۽ عرض ڪيو، تڏهن فرمايائون تہ هڪ شرط آهي تہ بخارا شهر ۾ قلعہ جي فلاڻي دروازي تي وڃي بيهہ، جڏهن اتان منجهند جو ٻڌڙو ضعيف شخص ڪائين جي ٻري ڪٹي لنگهي، تڏهن ان کي منهن تي اهڙي مڪ هٹجانءِ جو زمين تي ڪري پوي ان کان پوءِ جيڪي توکي

چوي اهو اسان کي اچي ٻڌائجاءِ تہ پوءِ توکي مريد ڪنداسون اهو شخص خواجہ جي فرمان موجب قلعي جي دروازي تي اچي بيٺو. ان وات تان ڪيترائي ماڻهو ڪاڻيون مٿي تي ڪنيو پي آيا ايتري ۾ جڏهن سج مٿي آيو تہ هڪ ٻڌڙو، ٽڪل شخص بہ مٿي تي ڪاڻين جي ٻري رکيل ۽ پگهر پيشاني کان پيرن تائين ٽمائيندو اچي اتان لنگهيو ان کي ڏسڻ شرط رحم اچي ويس، اگرچہ سندس دل ان کي مڪ هڻڻ لاءِ ارادو نٿي ڪيو پر خواجہ صاحب جي فرمان موجب ان کي منهن تي اهڙي مڪ هنيائين جو بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو. ۽ مڪ مارينڊڻ وٺي پڳو ۽ ٻڌڙي بہ ان جي پويان ڊُکي اچي ان جي هٿ مان ورتائين ۽ پنهنجي هٿ کي صاف ڪري ان جو هٿ وٺي چيائين تہ تنهنجي هن هٿ کي ايذاءُ رسيو هوندو خدا وٽ هي گناه آهي مون کي بخش ڪر؟ اهو موڪليل شخص هن ضعيف ٻڌڙي جي احوال کان عجب ڪري، سڄو احوال حضرت خواجہ صاحب جن جي اڳيان اچي بيان ڪيائين خواجہ صاحب فرمايو تہ هي پير مرد ضعيف اسان جي مريدن مان آهي، جيڪڏهن تون بہ اهڙي بردباري ڪرين تہ توکي بہ مريد ڪريون جي نہ تہ پوءِ تنهنجو اختيار آهي ان شخص چيو تہ اهڙي بردباري مون کان ڪونہ ٿيندي، اهو چئي هليو ويو.

نقل 6: هڪ ڏينهن لاڙڪاڻي جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن وڏي صاحبزادي سان سوار ٿيا آيا پي ۽ آئون (جامع ملفوظات) بہ ساڻن گڏ هيس بہ هٿيار بند ماڻهو شهر ۾ تابوت جي انگاس وٽ بينا هئا، جڏهن پير سائين جن انهن وٽ پهتا، تڏهن انهن ماڻهن تمام خراب لفظ زبان تي آندا، جيڪي بيان ڪرڻ جي لائق نہ آهن ۽ اهي جهيڙي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا پير سائين جن جيئن تہ ڪمال بردباري وارا هئا، تن اهي لفظ ٻڌا اڻ ٻڌا ڪري ڇڏيا ۽ اتان واپس سواري کي ورايائون ۽ فقيرن مان ڪنهن کي بہ اها خبر نہ پئي پر هن فقير کي ويجهي هجڻ سبب خبر هئي.

اي عزيز! پاڻ ڪريمن " وَعِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا وَّاِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا سَلٰمًا " (سورة الفرقان: آيت ٦٣) هن آيت سڳوري تي عمل ڪندي ان طرح ڪيو. ۽ پوءِ ڪڏهن بہ اها ڳالهہ بيان ڪونہ ڪيائون ۽ نہ وري ڪو ان مان ڪجهہ حصو بيان فرمايائون توڙي مون تارن، لکين لٽون ڏين، تہ پي هٿان حبيبن ڪڏهن ڪونہ ڏکوئبو.

نقل 7: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ درويش ڪفني ڍڪيندڙ پاڻ کان بيهوش، الله تعاليٰ سان هوش رکڻ وارو هو، اهو اچي هڪ مدرسي کان لنگهيو مدرسي جي استاد شاگردن کي حڪم ڪيو تہ هن جي راز ۽ بناوٽي قلب کي پٽرن سان پرکيو پوءِ ڇوڪرن درويش کي پٿر هڻڻ شروع ڪيا ۽ درويش انهن ڏانهن ڪوبہ توجهہ نہ ڏنو ۽ نہ وات کان منهن ڦيريائين ۽ هلندو پي ويو ۽ ان جو خلوص امتحان ۾ صاف ڪامياب ٿيو پوءِ استاد وڏي ڇوڪري کي حڪم ڪيو تہ هن کي زور سان وڏو پٿر ڪٽي هڻ شاگرد استاد جي چوڻ تي ان کي ڏاڍي زور سان پٿر هنيائين تہ درويش محبوب حقيقي جي

حسن ۾ محو هو جنهن کجهه به نه چيو، مگر پوئتي ڏسي هليو ويو شاگرد سڃي ڳالهه استاد کي اچي ٻڌائي، استاد درويش کي گهرائي پڇيو ته وڏي پٽر لڳڻ وقت پوئتي ڇا لاءِ ڏٺئي؟ درويش چيو ته اڄ محبوب جڏهن قهاري تجلي فرمائي جيڪو هن ٻانهي کي پٽر هٽي هلاڪ ڪرڻ لاءِ مؤڪل (فرشتو) مقرر ڪيو آهي ان کي ڏٺم ٿي ته ڪهڙو آهي؟

نقل 8: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته تقدير جيڪڏهن ڪنهن جي طبيعت جي موافق نه ٿئي ته پوءِ به ان کي صبر ۽ تحمل ڪرڻ گهرجي ۽ الله تعاليٰ جي مهربانين جو منتظر ٿئي ۽ به مثال بيان فرمايائون: پهريون جيڪڏهن درزي وٽ ڪپڙو سبڻ لاءِ ڪٽي ويجو ته ظاهر ۾ ان کي قاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو آهي، ڇٽڪ ڪپڙو نقصان ٿي ويو ۽ ڪپڙي تيار ٿيڻ کان پوءِ سڀ ڪنهن جي طبيعت کي وٽندو آهي ٻيون جڏهن ڊڪيءَ کي ڏهندا آهن تڏهن ان جي قر کي ڊڪي جي پرسان ٻڌندا آهن، جو کير ڏهي قر جو حصو ڇڏي قر کي کولين ٿا، پر قر جي بي صبري ۽ تڪڙ ڪرڻ ڪري، ٻنڌڻ جون ڳنڍيون مضبوط ٿي وڃن ٿيون ۽ کولڻ ۾ دير ٿئي ٿي پوءِ طالب کي گهرجي ته پنهنجي سڀني تدبيرن کي الله تعاليٰ جي تقدير جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ هن بيت تي جيڪو هڪ بزرگ چيو آهي ان تي عمل ڪري:

سپردم بتو مايه خويش را
تودانی حساب کم و بيش را

(پنهنجي موڙي کي تنهنجي حوالي ڪيم، گهٽ وڌ جو حساب تون ئي ڄاڻين ٿو) ۽ الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته: "وَ اُفَوِّضُ اَمۡرِیۡۤ اِلَی اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیۡرٌۢ بِالۡعِبَادِ " (سوره حٰم السجده: آيت ۴۴) (يعني مون پنهنجو ڪم الله تعاليٰ جي حوالي ڪيو! بيشڪ الله تعاليٰ ٻانهن کي ڏسندڙ آهي)

نقل 9: لعل خان نظاماڻي (ديهه بهادر فقير نظاماڻيءَ جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن ديهه خليفي احمد نظاماڻي (جيڪو مخدوم ابراهيم نٽوي نقشبندي رحمۃ اللہ علیہ جو مريد هو) اتي ويس ۽ اتي مخدوم صاحب به پنهنجن مريدن ۾ آيل هو ان جي مريدن ۾ پير سائين جن جي جماعت جي تمام گهٽي گلا هئي، فقير ناپسندي جي ڪري اتان اٿي ٻاهر هليو ويو پوءِ حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ اچي عرض ڪيم ته حضرتا! جنهن محفل ۾ مرشد جا گلا خور هجن اتي مريد کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ پاڻ فرمايائون ته مريد کي ماڻ ڪرڻ گهرجي ۽ ان محفل مان اٿڻ لازم آهي، جيڪڏهن انهن سان بحث ڪيائين ڇٽڪ پاڻ مرشد جي شڪايت ڪيائين! الله تعاليٰ فرمايو: "فَاصۡبِرۡ عَلٰی مَا یَقُوۡلُوۡنَ وَ سَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ" (سوره ق: آيت ۱۳۰) (اتي صبر ڪر، جيڪي هو چون ٿا ۽ پنهنجي رب جي حمد جي تسبيح پڙهه)

نقل 10: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن باگڙجي تعلقه شڪارپور کان سوار ٿيا، پاڻ فرمايائون

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سڪندري

تہ اسان جي يارن مان هڪ ڏنار درياء جن ڪناري سان جهنگل ۾ رهي ٿو، اڄ ان جي ملاقات ڪرڻ گهرجي ۽ ان ڏانهن روانا ٿيا، جڏهن ڏنار جي جاءِ وٽ تشريف آندائون، ان وقت ڏنار زيارت کان مشرف ٿي هڪ ڪمبل رڍن جي واڙ ۾ وڃائي پير سائين جن کي ان تي ويهاريائين، ان کان پوءِ کير جو پيالو پري آيو، پاڻ ڪريمن کير پيئڻ فرمايو ۽ ان کان پڇيائون تہ هاڻي تنهنجون رڍون ڪيئن آهن؟ عرض ڪيائين تہ حضرتا! هر روزانهن سان وڃان ٿو ۽ چاري اچان ٿو پر جمعي جي ڏينهن جمع نماز ادا ڪرڻ ويندو آهيان ان ڏينهن رڍون خودبخود سڃو ڏينهن چري رات جو واپس جاءِ تي ايندڙون آهن.

نقل 11: حضرت پير صاحب تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو تہ حضرت پير سائين جن جي وصال واري بيماريءَ ۾ بيماري جي دفع لاءِ دوائون ٺاهي حاضر ڪندا هئاسون، سندن طبيعت دوائن جي استعمال کي نہ گهرندي هئي، پر اسان کي راضي ڪرڻ لاءِ استعمال فرمائيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ ڏسون، توهان ٿا زور ٿيو يا الله تعاليٰ جل شانہ.

نقل 12: عبدالرحمٰن ميمڻ (ٽنڊي مير باگي ٽالپر جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ فقير کي گهرجي تہ متيءَ وانگر هجي نہ تہ گپ وانگر ۽ نہ اهڙي متي جيڪا بلڪل سڪل هجي بلڪ وچڑي، چو تہ سڪل متي کان پير متي وارا ٿي پوندا ۽ گپ کان آلا ٿي پوندا پير سائين جن جي ارشاد مان معلوم ٿيو تہ فقير اهو آهي، جنهن مان ڪو فائدو ۽ آرام حاصل ڪري ۽ ان جي نقصان ۽ خرابي کان هر هڪ بي خوف ۽ محفوظ هجي مثل متيءَ جي مولوي رحمۃ اللہ علیہ چوي ٿو تہ:

در بهاران کے شود سر سبز سنگ
خاک شوتا گل برويد رنگ رنگ

(بهارن ۾ پٿر تي ساوڪ ڪيئن چمندي؟ متيءَ ٿيءُ تہ رنگا رنگي گل ايري نڪرن)

سالها تو سنگ بودی دلخراش
آزمودن رايک زمانہ خاک باش

(ڪيترا سال دل ڪرڻيندڙ پٿر هئين، آزمودي لاءِ هاڻي هڪ دفعو متي ٿيءُ)

نقل 13: محمد خان ولد بهادر فقير نظاماڻي، نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ٽنڊي بهادر فقير نظاماڻي ۾ اسان جي اوطاق تي تشريف فرما ٿيا هئا ۽ اتان جا نظاماڻي فقير ۽ منهنجو پيءُ پنهنجن پائرن پٽن سيني سان اچي گڏ ٿيا، ڪنهن دنياوي ڪم لاءِ پير سائين جن کان مصلحت پڇائون؟ جواب ۾ پاڻ فرمايائون تہ اسان دنيا جي ڪمن ۾ ڪنهن کي بہ مصلحت نہ ڏيندا سون، پر الله تعاليٰ کان سوال ڪريون ٿا تہ جيڪا چڱائي واري ڳالهہ هجي، اها توهان جي دلين ۾ وجهي ۽ ان تي عمل ڪريو تہ ان شاءَ الله تعاليٰ چڱو ۽ سنو ٿيندو.

نقل 14: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي ريگستان جي سفر ۾، قاضي عبدالرحمٰن سيد پور جو رهندڙ جو ڪيل عرض، حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪيم تہ حضرتا! قاضي عبدالرحمٰن چوي ٿو تہ منهنجو پٽ تمام سهڻو ۽ سڻين عادتن وارو هو قضا الاهي سان فوت ٿي ويو، جنهن جي جدائي ۽ فراق دل جي جمعيت کسي ورتي آهي، دعا جو توجهہ ٿئي؟ پير سائين جن فرمايو تہ اسان جو صاحبزادو ميان محمد ياسين نهايت سهڻو ۽ سڻن اخلاقن وارو هو ننڍڙائپ ۾ ئي حقيقي علم ان جي دل تي روشن هو ۽ ڪشف ۽ رات جاڳڻ ڪيس نصيب هو، ايتري قدر جو صبح جي وقت اسان کي بہ سجاڳ ڪندو هو ۽ گهڻو منظور نظر هو هڪ ڏينهن شفقت پدري جي قرب کان ان کي بغل ۾ ورتم ان وقت فڪر مند ٿيس تہ کهڙو وڏو ڪم ڪري وڌم، جو پٽ سان هيتري قدر قرب ڪيم ۽ الله تعاليٰ غيور آهي، پوءِ گهريم تہ استغفار ڪري گناهہ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريان وري خيال ڪيم تہ توبهہ ڪرڻ معنيٰ پاڻ کي گناهہ جي جزا کان ڇڏائڻ آهي ۽ گناهہ جي جزا نفس کي تمام گهڻو ڏکي لڳندي آهي سو گناهہ ڪرڻ ۽ استغفار ڪرڻ ۾ نفس جي مراد باقي رهي ٿي، پوءِ توبہ نہ ڪيم ۽ گناهہ جي جزا جو انتظار ڪيم چيم تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ جو اسان سان قرب هوندو تہ صاحبزادي جي دوستيءَ تي غيرت ڪندو پوءِ ٻي ڏينهن هڪ نيڪ بخت مريدياڻي الله تعاليٰ جي غيرت جو خواب بيان ڪيو ۽ صاحبزادي موصوف کي تپ ۽ بيماري ٿي پئي، ۽ انهيءَ بيماري ۾ محبوب حقيقي سان وڃي ملاقي ٿيو "اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ" پوءِ شڪرانو ۽ حمد گهڻو بجا آندم جو هن جزا جو ظاهر ٿيڻ الله تعاليٰ جي قرب تي دلالت ڪري ٿو.

نقل 15: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حديث مان ارشاد فرمايائون تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن اصحابن سڳورن کي ارشاد فرمايائون تہ ڪنهن بہ عزيز قريب جي فوت ٿيڻ تي نہ روئو پوءِ جڏهن حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جو جگر گوشہءَ صاحبزادو حضرت ابراهيم رضی اللہ عنہ وفات ڪري ويو ان وقت حضور جن کي اکين مبارڪن مان پاڻي جاري ٿي پيو تڏهن صحابين سڳورن عرض ڪيو تہ حضرتا! اڳي توهان روئڻ کان منع فرمائي هئي، هن وقت اکين مان پاڻي جاري ٿيڻ جو ڇا سبب آهي؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ منع رڙين ڪرڻ کان هئي نہ پاڻي جاري ٿيڻ کان.

نقل 16: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هيس، ايتري ۾ ڪنهن ماڻهو هڪ سؤ روپيہ نذراني طور خدمت ۾ حاضر ڪيا، موليڏني فقير انهن پئسن کي رومال ۾ ٻڌي ڪٽ جي وهاٽي هينان رکي ڇڏيو، جڏهن تہ پير سائين جن اهڙن سفلي معاملن کان بلند ۽ بالا هئا، ڪين انهن پئسن جي ڪا خبر ڪانہ هئي کو ماڻهو لڪ ۾ ان مان اڏ پئسا ڪڍي ويو ۽ باقي اڏ رومال ۾ ڇڏي ويو جڏهن موليڏني فقير کي خبر پئي، تڏهن چيائين تہ اڏ پئسا ڪٽ هي ڪم ڪنهن حاضرين صحبت وارن کان ٿيو آهي، ڇو تہ جي چور هجي ها تہ سيئي ڪٽي وڃي ها پاڻ ڪريمن

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪجھ بہ نہ فرمايائون پوءِ مولیڏني فقير ۽ ٻين فقيرن پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ فلاڻي شخص ڏارائي کان، جيڪو اتي حاضر ھو ڪٽو وجھائي نالو ڪڍايون؟ ايتري ۾ پير سائين جن جوش ۾ اچي فرمايائون تہ توھان جو عجيب دين آھي جو نالا ڪڍايو ٿا، اھي پئسا اسان جا اصلاً نہ ھا، جيڪي اسان جي ملڪيت ھئا باقي رھيا جيڪڏھن توھان جي دل کي جمعيت نہ ٿئي تہ پنھنجي دل ۾ ائين سمجھو تہ اصلاً ئي اھو نڏرانو آيو ھيو.

نقل 17: ھڪ ڏينھن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايائون تہ ھڪ دفعي حضرت ميان صاحب جن ڪنھن سيد سان گڏ واٽ ونيو آيا ٿي سيد صاحب ھڪ جاءِ تي بيھي چيو تہ منھنجي سلوار ڪنھن جاءِ تي وسري ويئي آھي، جاچ ڪرڻ لاءِ واپس وڃان ٿو حضرت ميان صاحب جن سيد صاحب کي چيو تہ واپس ورڻ ۾ ٻہ نقصان ٿيندا، ھڪ مصيبت ۾ صبر کي ڇڏڻ، ٻيو مفاصلي جي تڪليف، ڳولڻ ۽ سلوار جو لپڻ شڪي ڳالھ آھي شڪي رنج جي ڪري ٻن يقيني نقصانن ۾ پوڻ نہ گھرجي.

نقل 18: الھڏنو فقير حجام (ڪڙيہ جي پرسان رھندڙ) نقل ڪري ٿو تہ ھڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ ڪڙيي ۾ تشريف فرما ٿيا ھئا صحبت جي وقت مسجد شريف ۾ جلوہ افروز ٿيا، اتفاقًا ھڪ فقير جي ڳنڍ مان ھڪ روپيو ڪو چوري ڪري ويو ۽ ان فقير جماعت ۾ پڙھو ڏنو تہ ھي ھڪ روپيہ ملڪيت پير سائين جن جي آھي پاڻ فرمايائون تہ اسان جي ملڪيت اسان کي ملي تون بي صبري ۾ ڇا لاءِ پيو آھين.

نقل 19: سيد محمد شاھ پلياھ جو رھندڙ، حضرت پير سائين جن جو پڪو مريد ھو جنھن ڪجھ زمين ۾ پوک پوکي ھئي اھا زمين لنواري وارن بزرگن جي مريدن جي پرسان ھئي بزرگن جا ماڻھو ان مان گاھ پنھنجن ڍڳين ۽ مينھن لاءِ ڪپي ويندا ھئا، مذڪوره سيد صاحب انھن کي روڪيو جنھن ڪري بزرگن جي ماڻھن سيد صاحب جي بيحرمتي ڪئي ۽ سيد صاحب بزرگ مخدوم محمد زمان ڪلان جو ڏوھتو جيڪو ان وقت سجاده نشين ھو قلعي جي برج ۾ جيڪو ان وقت نئون ٺھيو ھو، بينو ھو، ان وٽ اچي سندس ۽ اھو ماڻھن جي ايذاءَ رسائڻ ۽ بي عزتي ڪرڻ جي ڳالھ پيش ڪئي تہ ايتري ۾ ان بزرگ بہ جوش ۾ اچي، سيد صاحب کي نالائق ڳالھايائين ۽ ٻيا ماڻھو جيڪي متيءَ جي ڪم ۾ لڳل ھئا، انھن بہ اچي متيءَ پريل ھٿن سان سيد کي بي رحمي سان ماري قلعي جي برج مان باھر ڪڍيو بعد ۾ جڏھن پير سائين جن لاڙ جي سفر تي چڙھيا ۽ ان ديھ ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏھن سيد صاحب سڄي ڳالھ بيان ڪري فرياد ڪيائين تہ حضرتا! ھي سڀ ان ڪري ڪيائون جو آئون اوھان جو مريد ٿيو آھيان ۽ پڻ دعوت ڪندو آھيان تنھن ڪري ھيترو ايذاءُ پھچايائون، جيستائين مريد نہ ٿيو ھيس، منھنجي ڏاڍي عزت ۽ ادب ڪندا ھئا. پاڻ فرمايائون تہ اي شاھ! پاڻ کي خوامخواھ ٻن نقصانن ۾ نہ وجھ ھڪ مارڻو ھين سو ماريائون ۽ ٻيو بي صبري جو اھو بہ نقصان آھي تون انھن جي حق ۾ دعا

ڪر، الله تعاليٰ خودبخود تنهنجو بدلو انهن کان ونندو پوءِ هڪ نقل مثال ۾ بيان فرمايائون تہ هڪ شخص کي ٻہ ٻانها هجن ٻئي پنهنجي سردار جي اڳيان جهڳڙو ڪن ۽ مالڪ ڏسي پيو تہ هڪ ٻي کي مارين پيا پوءِ پيو ماڻهو اچي اتي حاضر ٿي، جيڪڏهن اهو عقل وارو هوندو تہ پنهنجي دل ۾ خيال ڪندو تہ هي ٻانها پنهنجي سردار هوندي جنگ ڪن پيا، ۽ هڪ ٻئي کي ماري هلاڪ ڪن پيا تہ ان کي ٻہ گهرجي تہ مان ڪري ويهي رهي جڏهن مالڪ ڏسي پيو ۽ ڪجهہ نٿو چوي تہ پوءِ هن جو ڇا ٿو وڃي جيڪڏهن مالڪ هوندي انهن جي وچ ۾ پوندو تہ اهو بي عقل آهي پير سائين جن جي حاضرين جماعتن مان ڪن چيو تہ حضرتا ظاهري عيوض ونڻ گهرجي، ۽ ڪن عرض ڪيو تہ حضرتا! انهن جو عيوض باطني ڪرامت سان ونڻ گهرجي انهن کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ: " اَلصَّبْرُ مِفْتَاحُ الْفَرَجِ " (صبر خوشيءَ جا چابي آهي) فقير اهو آهي جيڪو بدلي ۽ ڪرامت جو دم نہ هڻي ۽ الله تعاليٰ جي رضا تي راضي رهي، ۽ هن معاملي جو عيوضو، ان ڪافي المهمات (مشڪلات کي ڪافي ٿيندڙ) جي اختيار ۾ آهي

نقل 20: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي صادق فقير نظاماڻي ۽ ٻيا فقير درگاهہ مبارڪ ڏانهن آيا ٿي، اتفاقًا چانهي جي جاءِ تي فقيرن مان ڪنهن فقير چيلو ورتو، چيلو وڪٽندڙن ڳالهيون ڪندي صادق فقير کي ڏاڙهي مان ونڻي مار ڏني، جڏهن درگاهہ مبارڪ تي آيا، تڏهن صادق فقير ناحق ظلم جيڪو ان تي ٿيو، ان جي ڪابہ ڳالهہ حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ نہ ڪئي ۽ اها ڳالهہ ٻين فقيرن رفيقن حضور ۾ عرض ڪئي، ان ڪري پاڻ تمام خوش خورم ٿيا ۽ فرمايائون تہ فقير کي ائين ڪرڻ گهرجي:

ڏڏو ڪجي، ڏيکر ڪجي
هو نہ ڇڄن تہ پاڻ اڇي ڇڄجي!

نقل 21: هڪ دفعي سفر ۾ حضرت پير سائين جن سان خدمت ۾ حاضر هيس پاڻ ارشاد فرمايائون تہ هن کان اڳ دل ۾ خيال هي هو تہ الله تعاليٰ جي فيض جي خزانن جا دروازا هر خاص ۽ عام لاءِ کولي ڇڏيون، جو هن وڏي نعمت کان هر هڪ نعمت وارو ٿئي، هاڻي الله تعليٰ جي ڇاڻائڻ سان ڄاتو ۽ سمجهوسون تہ اسان تي فقط تبليغ ڪرڻ آهي هدايت جو تعلق ان جي رضا سان آهي!

نقل 22: حضرت پير سائين جن مخدوم نوح سرور جو نقل بيان فرمايائون تہ انهيءَ جي مريدن مان هڪ مريد خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ حضرتا! توهان جي هڪ هزار روپين جي ٿيلهي گم ٿي ويئي آهي مخدوم صاحب جن ڳالهہ ٻڌي گهڙي ڪن مان ڪري الحمد لله فرمايائون ٻي ڏينهن ساڳئي ماڻهو اچي عرض ڪيو تہ حضرتا! ڪالهو کي گم ٿيل ٿيلهي وري واپس ملي آهي مخدوم صاحب جن هڪ ساعت فڪر ڪري پوءِ الحمد لله جو لفظ زبان تي آندائون ان مريد عرض ڪيو تہ حضرتا! ٿيلهي گم ٿيڻ ۽ ظاهر ٿيڻ وقت الحمد لله چوڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ جواب ۾ فرمايائون تہ

الحمد لله چوڻ جو سبب هي هيو، جو اسان جي دل دنيا جي ڪمن مان ڪنهن ڏانهن بہ لاڙو نہ ڪيو هن خوشي ۽ نا خوشي ان ۾ ڪوبہ اثر نہ ڪيو دل هر حال ۾ الله تعاليٰ سان مشغول هئي، ان حالت ۾ مضبوط رهي الله تعاليٰ فرمايو: "لِّكَيْلَا تَأْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَلَا تَفْرَحُوْا بِمَآ اٰتٰىكُمْ ؕ" (سورة الحديد: آيت ٢٣) (جيڪو توهان کان فوت ٿي ويو ان تي افسوس نہ ڪيو ۽ جيڪي توهان کي ملي ان تي خوشي نہ ڪريو)

نقل 23: حاجي هاشم فقير ميمڻ (ڪورواه جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي درگاه مبارڪ تي حاضر هوس هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جو فرزند، ميان خيالي۽ جو ڏوهتو، قضا الاهي سان هن دنيا مان آخرت ڏانهن راهي ٿيو، غسل ۽ ڪفن کان پوءِ نماز لاءِ جڏهن آندائون تڏهن ميان خيالي درد ۽ محبت کان گريو ۽ رڙيون تمام گهٽيون ڪيون پاڻ ان کي فرمايائون تہ هي منهنجو فرزند، مون کي توکان وڌيڪ پيارو هو، پر الله تعاليٰ جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي، جيئن هڪ سنڌي بزرگ فرمايو آهي:

سيوئي سهہ جندڙا جيڪي ڏنائون، م ڇؤ ڇنائون اي پٽ ڳنڍيو سڃٽين!

(اي ساهہ! سپ پاڻ تي قبول ڪر، جيڪي ڏنو اٽن، ائين نہ ڇئو تہ ڇنو اتن بلڪ هي سپ دوستن ڳنڍيو آهي)

نقل 24: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايائون تہ حضرت غوث الثقلين رضي الله عنه کي اولاد سڳورو تمام گهٽو هو، پنهنجي متعلقين کي حڪم ڪري ڇڏيو هئائون تہ جيڪو بہ اسان جي اولاد مان وفات ڪري، ان کي غسل ۽ ڪفن کان پوءِ جنازي نماز وقت اسان کي خبر ٻڌائجو؟ پاڻ ڪريمن جڏهن هي نقل ارشاد فرمايائون ان کان بعد فرمايائون تہ هن کان پوءِ اسان بہ ائين ڪنداسون.

نقل 25: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ لاڙ جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن سان گڏ هيس جڏهن سالار جي ديهہ ۾ تشريف آندائون، تڏهن صحبت جي وقت خليفي (جامع ملفوظات) کي فرمايائون تہ اي خليفا! ڪهڙو ثواب گهرندين؟ فقير جواب ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! مان ثواب کي ويجهو نہ آهيان پاڻ گهڙي ڪن مات ڪري فرمايائون تہ اي خليفا! ثواب مان حورون قصورون مراد آهي. پانهي عرض ڪيو تہ حضرتا! پانهي جي بہ ثواب مان مراد اها هئي وري فرمايائون تہ اي خليفا! خدا جي رضا ڳولين ٿو! عرض ڪيم تہ هائو قبلا! پوءِ فرمايائون تہ فقط اهو ثواب جامع آهي جيڪا بہ معنيٰ مراد ونجي اها ئي مقصد آهي ۽ اسان جي ثواب مان هتي مراد رضاءِ خدا جل شانہ آهي.

نقل 26: مٽيون راوي چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير صاحب تجر ڏٽي رحمة الله عليه وٽ حاضر هيس پاڻ فرمايائون تہ جن ڏينهن ۾ ماتا جو مرض سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويو هو، انهن ڏينهن ۾ اسان جي پٽن مان بہ هڪ کي ماتا ٿي پئي ۽ حضرت پير سائين جن جي صاحبزادي ميان علي اڪبر ۽ حضرت شاهہ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جيئو (حضرت ميان صاحب) جي صاحبزادي ميان علي اصغر کي ٻه ماتا نڪري پئي هڪ رات الله تعاليٰ جي قضا سان منهنجي فرزند وفات ڪئي ان وقت حضرت پير سائين جن اسان جي حويلي ۾ اچي دروازي تي بيهي رهيا هن فقير اٿي پڇيو ته تون ڪير آهين؟ بعد ۾ پاڻ ڪريمن کي سڃاڻي عرض ڪيم ته حضرتا! رات جو بي وقت اڇڻ جي تڪليف فرمائي اٿو؟ جواب ۾ فرمايائون ته توهان جي فرزند جي خبر ونڻ ۽ احوال پڇڻ لاءِ مون عرض ڪيو حضرتا! اهو ته الله تعاليٰ جي رضا سان ڳنڍجي ويو آهي پوءِ پاڻ فرمايائون ته اسان جي حويليءَ ۾ ٻه صاحبزادو علي اڪبر وفات ڪري ويو اتي ٻه حويلي وارن کي صبر جي تلقين ڪري آيا آهيون ۽ هتي ٻه صبر ڪجو پوءِ اسان جي حويلي ۾ اچي صبر جو وعظ فرمايائون فقير عرض ڪيو ته حضرتا! رات گهڻي آهي آرام فرمايو؟ پاڻ فرمايائون ته هاڻي غسل جو بندوبست ڪجي توهان منهنجي فرزند علي اڪبر کي غسل ڏيو. آئون توهان جي پٽ کي غسل ڏيان ٿو پوءِ مون عرض ڪيو ته حضرتا! اجان رات گهڻي پيل آهي، غسل ۾ تڪڙ جي ضرورت نه آهي. سائين جن آرام فرمائن فقير ٻنهي نينگرن جو انتظام ڪري ڇڏيندو پاڻ فقير جي عرض کي قبول ڪيائون ۽ فرمايائون ته فقيرن دعوتن ونڻ لاءِ عرض ڪيو هو ۽ فرزند جي بيماري جي انتظار ۾ دير ٿي ويئي هي قضيا دعوتن کي رد ڪرڻ ۽ ظاهر طالبن کي ناخوش ڪرڻ ڪري ٿيا آهن. پوءِ پاڻ آرام فرمايائون ۽ فقير صاحبزادن جي غسل ڪفن جي تياري ڪئي، صبح جو دفن ڪرڻ کان بعد پاڻ فقيرن جي دعوتن ڏانهن متوجهه ٿيا.

نقل 27: حضرت پير سائين جن جي هيءَ عادت مبارڪ هئي جو جڏهن ٻه ڪو صاحبزادو وصال ڪندو هو ته پاڻ هنن لفظن کي دهرائيندا هئا "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ عَلٰى كُلِّ حَالٍ مَّا كَانَ" ان کان پوءِ حضور ﷺ جن جي حضور ۾ سلام پيش ڪرڻ لاءِ انهن ميتن کي سلام ڏيندا هئا، ۽ ان کان بعد هي لفظ سنڌي ٻه فرمائيندا هئا:

سمن ساڻيئڙن جو ميڙو منڊيءَ ڇار!

(يعني قافلي وارن جي هڪ ٻئي ۾ ملاقات منڊي (ڪبڙن جي ننڊي) ڇار جي هينان آهي).

نقل 28: سهتو فقير هنگورو نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن درگاهه مبارڪ تي فقيرن مسجد شريف جي ڇت سرن جي تيلين سان ٺاهيائون ٿي، ۽ هينان کان مٿي فقيرن کي ڏنائون ٿي ۽ هڪ سر جي تيلي چيائون ٿي نياز مند انهن کي چيو ته تيليون نه ڇڪو ڪانيون ڇڪو، جيڪو سنڌي لفظ آهي اها ڳالهه حضرت پير سائين جن ٻڌي ورتي ۽ فرمايائون ته اي لاڙائي فقير ائين نه ڇڪو، هينئر لفظ ڪانين (پٽ پاراتي) جو عام استعمال ڪري ويو آهي، اڳئين زماني ۾ هو ۽ اسان جي زماني ۾ ڪريل آهي.

نقل 29: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته مان هيڪر سخت بيمار ٿي پيس اها خبر درگاهه مبارڪ تي حضرت پير سائين جن کي معلوم ٿي ويئي، پاڻ ڪريمن فرمايو ته خليفي لاءِ دوا

موكلينداسون ۽ فقير هن ٻانهي جا واقف هئا. انهن عرض كيو ته حضرتا! خليفو كابه دوا استعمال نه كندو آهي پاڻ فرمايائون اهو ويچارو صابر آهي ۽ هر مرو (دوا جو نالو) تجويز رکيائون وري فرمايائون ته اسان جي دوا موکيل ضرور استعمال کندو جيکڏهن کو لاڙ جو فقير هجي ته ان کي ڏيون ان وقت لاڙ جو کوبه فقير حاضر نه هو پوءِ ان بيماري کان چاڪ ٿي درگاهه مبارڪ ڏانهن روانو ٿيس ۽ پير سائين جن خليفي ميان الهرکيه ﷺ جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا ٻيهري نماز جي وقت فقير به اچي زيارت کان مشرف ٿيو پاڻ شهر کان ٻاهر ڏندڻ استعمال کري رهيا هئا ۽ سندن چهرو انور اولهه ڏي متوجهه هو آئون ادب جي کري پويان ويهي رهيس ۽ حاضرين مجلس غلام کي مرحبا ۽ خوش. خير عافيت کيائون پاڻ کريمن اهو ٻڌي احقر ڏانهن منهن مبارڪ ڦيرايائون ۽ اٿي پاکر پاتائون ۽ پڇائون ته هاڻي چاڪ ٿيو آهين؟ عرض کيم ته حضرتا توهان جي توجهه سان بيماري صحت ۾ بدلجي ويئي پوءِ مرکي فرمايائون ته ڇو دوا کابه کانه کيئي؟ عرض کيم ته حضرتا! اسان کوڙا آهيون پاڻ کريمن هن حقيقت کان ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پوءِ حال احوال ٿيا ۽ احوال پڇائون مون عرض کيو ته حضرتا! سيد پور شهر ۾ بزرگ عبدالرحمٰن ﷺ نالي طالب علم آهي جيکو منهنجي طبع پرسي لاءِ آيو ۽ بيماري جي دفع لاءِ دوائون ٻڌايائين، فقيرن ان کي ٻڌايو ته خليفو دوائون استعمال نه کندو آهي، تنهن تي بزرگ جوش ۾ اچي چيو ته صحيح بخاري ۾ هڪ باب پورو دوائن لاءِ ٻڌل آهي، توهان ڇو نٿا دوا کرايو؟ پوءِ ڏنس ته متان حديث جو نه منکر ٿي وڃان پاڻ کريمن جوش ۾ اچي فرمايائون ته توهان جواب نٿي ڏنو ته اهي حديثون انهن لاءِ آهن جن جي ايمان ناقص آهن ۽ جن جو ايمان کامل آهي تن لاءِ توکل جي حديث آيل آهي، ڇا اها حديث نه ڏٺي اٿن، جيکا مشکواة شريف ۾ آهي ته: جيکو شخص دوا نه کرائيندو، قيامت جي ڏاڙي الله تعاليٰ ان جي کري ستر هزار گنهگار دوزخي بخشي ڇڏيندو۽ قدسي حديث ۾ آهي ته "مَنْ لَّمْ يَرْضَ بِقَضَائِيْ وَلَمْ يَصْبِرْ عَلٰى بَلَائِيْ وَلَمْ يَشْكُرْ عَلٰى نِعَمَائِيْ فَلْيَخْرُجْ مِنْ تَحْتِ سَمَائِيْ وَالْيَطْلُبْ رَبًّا سِوَائِيْ" (جيکو منهنجي قضا تي راضي نه ٿيو ۽ منهنجي مصيبت تي صابر نه رهيو ۽ منهنجي نعمت جو شکر نه کيائين اهو منهنجي آسمان جي هيٺان نکري وڃي ۽ مون کان سواءِ ٻيو رب وڃي ڳولي)

سکندريه پبليکشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

باب تيرهون

هن باب ۾ ست فصل آهن.

فصل پهريون
مخلوق جي خدمت

نقل 1: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته خواجہ عبيدالله احرار جهان وارن جي خدمت ڪرڻ ڪري، الله تعاليٰ سان ڳنڍيو ۽ پنهنجي مريدن کي به خدمت ڪرڻ جو حڪم فرمائيندو هو ۽ چوندو هو ته:

هر که خدمت کرد او مخدوم شد
آنکه خودرا دید او محروم شد

(جنهن خدمت ڪئي اهو مخدوم ٿيو، جنهن پاڻ کي ڏٺو (پاتيو) اهو محروم ٿيو).

نقل 2: هڪ ڏينهن ٻانهي (جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن جي خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! مون کي ماڻهن دعوتون ڏنيون هيون، انهن تي وڃي نه سگهيس ۽ انهن دعوتن جو حق ٻانهي کان ادا ٿي نه سگهيو ۽ هن وقت مدت به گهٽي گذري ويئي آهي ان لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي. پير سائين جن جواب ۾ فرمايو ته انهن جو حق ادا ڪرڻ گهرجي ٻانهي عرض ڪيو ته حضرتا! معلوم نه آهي دعوت ڏيندڙ ساڳي محبت ۾ آهن يا نه ۽ ظاهري رزق جا سبب ساڳيا رکن ٿا يا نه کهڙي تدبير ڪرڻ گهرجي؟ ٿوري دير ماٺ ڪري فرمايائون ته انهن ڏانهن ڪنهن ماڻهوءَ کي موڪلجي ۽ چئجي ته جيڪڏهن اڳين دعوتن جو حق معاف ڪريو ته بهتر ورنه ته اسان اچون ٿا! اهڙيءَ طرح انهن جا حالات معلوم ڪرڻ گهرجن.

نقل 3: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته انبياءَ ۽ اولياءَ ڪرام ساري مخلوقات کان خاص ۽ نرالا آهن، ۽ انهن جو رزق يقيناً بي سبب آهي پر الله تعاليٰ پنهنجي حڪمت بليغ سان انهن جو رزق سڄي مخلوق ۾ گڏي ڇڏيو آهي ان ۾ حڪمت هيءَ آهي ته جيڪو انهن جي خدمت ڪندو، ان کي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ثواب جو درجو حاصل ٿيندو ۽ پنهي جهانن جي حساب کان چوٽکارو حاصل ٿيندس ۽ انهن جي برڪت سان بخشيل ٿيندو.

نقل 4: حضرت پير سائين جن جي گهٽو ڪري عادت مبارڪ هوندي هئي تہ الله تعاليٰ جي دربار ۾ عاجزيءَ جا هٿ مٿي کٽي وڏي نياز سان نبي ڪريم ﷺ جي امت لاءِ دعا ڪندا هئا، ۽ چوندا هئا تہ اي رب العالمين! اڳين امتن مان گهٽا ماڻهو ڪفر ۾ ويل آهن ۽ تنهنجي محبوب جي امت ۾ جيڪي ڪافر آهن، انهن کي بہ اسلام جي دولت نصيب ڪر ۽ مسلمانن کي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي تابعداري، محبت ۽ معرفت پنهنجيءَ سان سرفراز ۽ سر بلند فرماءِ.

نقل 5: هڪ دفعي هي فقير (جامع ملفوظات) لاڙ جي فقيرن جي دعوتن تي ويل هو اتي ماڻهن تپ ۾ پين بيمارين لاءِ تعويذ گهريا مون انهن کي چيو تہ هي ڪم اسان کان نٿو ٿئي، پيا مُلان گهٽا آهن انهن کان لکايو. ان کان پوءِ حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر ٿيس ۽ مٿين ماجرا پيش ڪيم. جواب ۾ پاڻ فرمايائون تہ ائين نہ ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ الله جي ولين کي ڪير جا پريل بہ ٻُبا عطا ٿيل آهن، هڪ معنوي فيض سان پريل آهي ۽ ٻيو ظاهري نفعن کان پريل آهي، پوءِ جيڪو ماڻهو هن جهان جي مراد لاءِ انهن جي حضور ۾ اچي ٿو، ان کي ان ظاهري ٻبي مان حصو ڏين ٿا ۽ جيڪو مولیٰ جو طالب آهي، ان کي معنوي ٻُبي مان حقيقت ۽ معرفت جو ڪير پيارين ٿا.

نقل 6: حضرت پير سائين جن جي وصال واري وقت ۾ هڪ شخص مسجد شريف ۾ اچي ظاهر ڪيائين تہ مولیٰ جي طلب ۾ مريد ٿيڻ لاءِ آيو آهيان خادمن ان جي عرض کي پاڻ ڪريمن جي حضور ۾ بيان ڪيو پوءِ پاڻ ان کي پنهنجي آرام واري جاءِ تي گهرائي تلقين فرمايائون ۽ ان وقت الله تعاليٰ جو شڪر بجا آڻي چيائون تہ الحمد لله جيڪو ڪم فقير تي رکيو هئائون وصال جي وقت ۾ بہ ان ڪم سان مشغول رکيائون.

نقل 7: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ اسان جيڪو خلق کي تلقين ۽ الله ڏانهن سڏڻ جو ڪم پنهنجي مٿان کنيو آهي اهو ائين آهي جيئن سردار پنهنجي غلام جي اڳيان ڪوڏر ۽ ڪهاڙي رکي، پوءِ غلام سمجهي ويجي تہ منهنجي مٿان پوڪ جو ڪم آهي، ۽ ان ۾ مشغول ٿي ويجي اهڙي طرح خلق جو منهن اسان ڏانهن ڦيرايو آهي، ان مان يقين آهي تہ اسان کي انهن جي خدمت جو حڪم آهي شال حياتي تائين ان ڪم ۾ ڪوبہ قصور نہ ٿئي.

نقل 8: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن لکپت بندر (اهو ملڪ ڪچ ۾ هڪ قلعو آهي) ۾ تشريف فرما ٿيا، ان شهر ۾ ميمڻ قوم جا ٽي پائر هئا، بہ حضرت پير سائين جن جا مريد هئا ۽ هڪ ويڏل شاه جو مريد هو جنهن کي حال جو غلبو گهٽو ٿي ويو هو، جنهن ڪري بيخودي جي عالم ۾ محبت ۽

شوق کان رڙيون ڪندو هو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندو هو مون ان کي ٻانهن مان وٺي پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر ڪيو پير سائين جن بيان فرمايو ته ويڏل شاهه پنهنجي مڪان ۾ اسان سان ملاقي ٿيو هو مون ان کان پڇيو ته توهان جو مرشد ڪير آهي؟ جواب ۾ چيائين ته هڪ ڏينهن ٻيڙي بيمار عورت ڏٺم، ان جي وارن ۾ تيل لڳائي ڦٽي ڏيئي، جونئون ڪڍي ان جي خدمت ڪيم هيءَ بخشش ۽ مهرباني الله تعاليٰ انهيءَ جي ڪري فرمائي آهي.

نقل 9: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته ڪو حاڪم اڪيلو سوار ٿي ڪنهن نهر تي پهتو، اتي هڪ ٻيڙي مرد کي ڏٺائين جو پنهنجي ڪپڙا ڏوئي رهيو هو، حاڪم گهوڙي تان لهي ان ٻيڙي وٽ آيو، ۽ ان کان ڪپڙا وٺي ڏوئڻ لڳو ۽ چيائين ته اي پير مرد! جيڪڏهن جوانيءَ ۾ ڪنهن جي خدمت ڪريو ها ته هن وقت پيريءَ ۾ توهان کي ڪپڙا ڏوئي ڏي ها؟ اهو ٻيڙو شخص حال ۽ ڪمال جو صاحب هو، ان کي چيائين ته ايتري قدر خدمت ڪئي اٿم، جو تو جهڙا حاڪم به مون کان ڪپڙا وٺي ڏوئي ڏين ٿا جيئن هڪ بزرگ فرمايو آهي:

هر ڪه خدمت ڪرد او مخدوم شد
هر ڪه خودرا ديد او محروم شد

(جنهن خدمت ڪئي اهو مخدوم ٿيو، جنهن پاڻ کي (ڏٺو) پاڻيو اهو محروم ٿيو)

نقل 10: حضرت پير سائين جن جي عادت مبارڪ هوندي هئي، جو دعوت ان مريد جي قبول ڪندا هئا، جنهن لاءِ ماڻهو شاهدي ڏين ته هي ذڪر پڙهندو آهي جيڪڏهن مريدن مان ڪو ذاڪر نه هوندو هو ته ان جي دعوت نه قبولينداهئا، پوءِ جڏهن اهو مريد توبه ڪري وسيلا وجهندو هو ۽ تمام گهڻي عاجزي ۽ زاري ڪندو هو، پوءِ ان کان ذڪر ڪرڻ جو پڪو واعدو وٺي، خوشي ۽ ناخوشي سان ان جي دعوت قبول ڪندا هئا.

نقل 11: خليفو ميان غازي خان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن قلات جي سفر کان موٽي، ناري ڏانهن ڪن مريدن جون دعوتون ونڻ، قبول فرمايائون ته ڪجهه مريد بيماري ۽ سفر جي تڪليف ڪري اجازت وٺي روانا ٿي ويا ۽ پير سائين جن ناري ڏانهن تشريف فرما ٿيا، ان وچ ۾ سيد ميان قابل شاهه حضور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! ناري جا ماڻهو ذڪر نه ڪندا آهن، سو وري ڪڏهن اوڏانهن تشريف فرما ٿجو، هن وقت سفر گهٽو ئي ٿيو آهي ۽ فقير به سفر جي سختي کان تنگ ٿيا آهن، مهرباني فرمائي هتان سنڌ ڏانهن موٽڻ فرمايو جواب ۾ فرمايائون ته اسان کنهن کي نه مزدوري ڏيئي آندو آهي ۽ نه احسان سان هر اختيار وارو آهي، اسان حضرت سرور ڪائنات ﷺ جن جي امت جا خدمتگار آهيون، انهن جون دعوتون رد نه ڪنداسون.

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 12: هيڪر حضرت پير سائين جن جهنگل فقير ڪنيڑ (جيڪو ميان نور محمد عباسي رحمة الله جي قبن جو رهندڙ هو) جي فضيلت بيان فرمايائون، اهو سچن مريدن مان ۽ صاحب حال طالبن مان هو ۽ فقيرن جي اچڻ واري وات تي وينل هو ۽ اهو فقيرن جي خدمت بي انتها ڪندو هو. پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو حضرت اويس قرني رضي الله عنه نہ ڏٺو هجي تہ اهو مذڪور فقير جي زيارت کان مشرف ٿئي مذڪوره ڪنيڑ جي عادت هئي تہ اهو درگاهہ مبارڪ تي حضور ۾ نٿي آيو ۽ ٻين فقيرن سان سلام موڪلي ڏيندو هو ۽ فقيرن جي ايتري خدمت ڪندو هو رات ڏينهن ان ۾ مشغول هوندو هو موڪلائڻ وقت هر هڪ فقير کان روئي موڪلائيندو هو.

نقل 13: هڪ دفعي درگاهہ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هيس انهن ڏينهن ۾ مظفر خان ملتان جو حاڪم حرمين شريفين کان ٻيڙين جي وات سان موٽي رهيو هو ۽ سرڪاري ماڻهن درگاهہ مبارڪ جي پاڙي ۾ وينل هندن تي سامان رسد جي تياريءَ جو حڪم ڪيو هو هندو سيئي گڏجي پاڻ ڪريمن جي حضور ۾ اچي دانهين ٿيا پير سائين جن انهي کي صلاح ڏني تہ توهان هڪ، هڪ ٿي لکي هليا وڃو انهن ائين ڪيو، سرڪاري ماڻهن پير سائين جن وٽ اچي عرض ڪيو تہ حضرتا! سرڪاري ڪم ضروري آهي، شهر جا هندو حاضر نہ آهن، ان جو تدارڪ ٿئي؟ پاڻ فرمايائون تہ وڏي صاحبزادي حضرت پير صاحب (تجر ڏٽي) رحمة الله عليه کي چئو جيڪڏهن تدارڪ ٿيو تہ ان کان ٿيندو ماڻهن عرض ڪيو تہ حضرتا! صاحبزادو بہ حاضر نہ آهي، ڪنهن طرف سوار ٿي ويا آهن پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اسان فقير ماڻهو آهيون، اسان کي هنن ڪمن سان ڪهڙي مناسبت جيڪڏهن شهر ۾ ماڻهو نہ آهن تہ پوءِ بي جاءِ تي وڃي تدارڪ ڪريو؟ پوءِ جڏهن اهي هليا ويا، تڏهن خليفي ميان سلطان فقير نظاماڻي عرض ڪيو تہ حضرتا قيامت جي ڏاهاڙي اسان ضعيفن تي بہ اهڙو رحم فرمائجو، جو آزاد ٿيون، جيئن پنهنجي ديهہ جي هندن کي دنيا جي قرض ۽ حاڪمن جي بيگارن ۽ شڪارن کان آزاد ڪيو اٿو؟ پاڻ ڪريم ان تي مرڪيا.

نقل 14: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان فرمايو تہ حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن نابين کي چاليهہ قدم اڳتي وٺي ويندو، ان کي الله تعاليٰ بغير حساب جنت ڏيندو.

اي عزيز! جڏهن ظاهري نابين جي مدد ۾ ايترو ثواب ملي ٿو تہ پوءِ جنهن جون اندر واريون اکيون نفس جي حرص ۽ جسماني خطرن سان انڌيون ٿي ويون آهن، ان جي دوا هدايت جي نور ۽ نوراني رهنمائي سان ڪجي تہ پوءِ ڪيڏو بي حساب ثواب ۽ مرتبو حاصل ٿيندو؟ ظاهري انڌي کي مدد سان ڪڌن ۽ کوهن ۾ ڪرڻ ۽ ڪکن ڪندن ۾ پوڻ کان بچائي سگهجي ٿو، ۽ دل جي انڌن کي گمراهي ۽ ڪفر کان بچائي سگهجي ٿو. مٿيون ڪم هر هڪ ڪري سگهي ٿو پر هي الله واري کانسواءِ ڪنهن بي

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

لاءِ ڏکيو آهي.

نقل 15: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن خدا جي خلق جي مٿان احسان ڪرڻ جا فائدا بيان فرمائيندي مثال ڏنو ته لقمان ٽالپر اگرچہ دينددار ۽ پرهيزگار، لنواري وارن بزرگن جو مريد آهي، پر غريبن تي ظلم سبب ان جا جاگير ويران ۽ غير آباد ٿي وئي آهي ۽ مستي خان مري اگرچہ ڪنهن طريقي ۾ داخل نہ آهي ۽ ايترو دينددار بہ نہ آهي پر صاحب احسان ۽ مروت جو آهي ۽ غريبن ۽ رعيت سان همدرد آهي، تنهن ڪري ان جي سڄي جاگير آباد ٿئي ٿي.

نقل 16: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي درگاھ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هيس شهر جي چوڪرن راند ڪئي پي، ۽ ها، هو جو آواز پاڻ ڪريمن جي ڪن مبارڪ تي پيو پاڻ فرمايائون تہ راند ڪندڙ چوڪرن کي وٺي ڪوٺي ۾ بند ڪريو، پير سائين جن جي حڪم موجب چوڪرن کي وٺي ڪوٺي ۾ بند ٿي ڪيائون تہ هڪ چوڪري ٻاهر اچي پاڻ ڪريمن جي حضور ۾ حاضر ٿي، هن طرح عرض ڪيو تہ حضرت پير سائين اسان راند ڪرڻ کان توبھ ڪئي سون پير سائين جن رحم ۽ مهرباني فرمائي انهن کي آزاد ڪيو ۽ فرمايائون تہ اي بابا! اسان توهان جي چڱائي لاءِ ڪريون ٿا، عجب اخلاق سندن جا، جن جو مثال اٽلپ آهي.

نقل 17: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي لاڙ جي سفر ۾ جماعت سڳوري ۾ تپ اچي پيو ۽ حضرت پير سائين جن کي بہ پنوتره جي جاءِ تي (اها ديھ چاچڪن جي پرسان آهي) تپ لاحق ٿيو ۽ مٿي ۽ بدن ۾ سور ۽ دست بہ ٿي پيا، سواريءَ جي وقت هڪ ڪپڙو سڄي سيني تي ۽ پيو لڳن تي ۽ ٿيون مٿي تي مضبوط ٻڌي سوار پي ٿيا ۽ وات ۾ ڪيترا پيرا قضاءِ حاجت لاءِ لهٽو ٿي پيو ۽ ميان احمد خان نظاماڻي، جيڪو پير سائين جن جو سچو معتقد هو، ان پاڻ سان هڪ ٿوڪ دان ڪنيو تہ جڏهن بہ وات ۾ ڪنگھ يا ٽڪ ايندي هئي، تہ ان ٿوڪ دان کي سندن اڳيان پيش ڪندو هو(الغرض هيتري تڪليف هوندي بہ پاڻ فقيرن جون دعوتون قبول ڪري تشريف آڻيندا هئا) جڏهن فتح علي ڪٽياڻ (پراڻ جي رهندڙ) جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا تہ ان وقت ناچاڪي حد کان لنگهي ويئي ۽ ڪين رفع حاجت لاءِ وڃڻ بہ ڏکيو ٿي لڳو انهيءَ ڪري جماعت سڳوري فڪر ۾ پئجي وئي ۽ پاڻ سڳورا باوجود هيتري تڪليف جي ريگستاني فقيرن جي دعوتن تي محڪم تيار ٿيا پير سائين جن جي پاڻ ميان محمد سليم ۽ ميان قابل شاھ ۽ طريقہ جا مشائخ سڳورا جيڪي سيئي خدمت ۾ حاضر هئا، انهن سيني پاڻ ۾ صلاح ڪري ٻانهي کي چيائون تہ توهان پير سائين جن کي عرض ڪيو تہ حضرتا! طبيعت مبارڪ جي بي مزگي، سڄي جماعت ۾ ۽ درگاھ مبارڪ تي پردي وارن کي فڪر ۽ درد بي انتها پيدا ٿيو آهي، اگرچہ ذات مبارڪ کي هن حقيقت کان طبيعت تي ڪوبہ غم وهم نہ آهي، پر اسان مسڪينن ۽ درگاھ مبارڪ جي باشندن تي رحم فرمائي، درگاھ مبارڪ ڏانهن هلو جو ست اٺ ڏينهن سفر ڪري

درگاھ مبارڪ تي پھچنداسون، جڏھن صحت ڪلي حاصل ٿئي، ان کان پوءِ ريگستان جو سفر ڪرڻ اختيار فرمائجو. (انھن ڏينھن ۾ تازو خليفو ميان اسماعيل ٽوڙي جو رھندڙ آيو ھو جنھن چيو تہ درگاھ مبارڪ جي واٽ پاڻي ۾ سيلاب کان بچيل آھي ۽ درگاھ مبارڪ تي پھچڻ آسان آھي) پوءِ ٻانھي سيني جي طرفان سڄي ڳالھ عرض ڪئي، پاڻ ڳالھ ٻڌي جوش ۾ اچي فرمايائون تہ چڱو سمجھيو اٿو، اسان ريگستان جي مسڪين فقيرن سان دعوتن وٺڻ جو انجام ڪيو آھي ۽ ھنن دعوتن جي تياري قرض وغيره کڻي ڪري چڏي آھي، انھن جي سامان کي ضايع ڪرڻ جائز نہ آھي، اسان کي الله تعاليٰ جي طرفان خلق جي خدمت جو حڪم ٿيل آھي، ھن وقت تہ سوار ٿيڻ جي طاقت رکون ٿا ۽ ويجون ٿا، پر جي سواري جي طاقت نہ رھي تہ بہ پاڻ کي ڪٽ تي ڪٽائي خدا جي خلق جي خدمت کان پاڻ کي فارغ ڪنداسون ۽ جيڪو توھان خيال ڪيو آھي تہ درگاھ مبارڪ تي صحتمند ٿي پوءِ سفر ڪريو الله تعاليٰ مطلق شافي آھي ۽ ھتي ھُتي ھڪ ئي آھي اي عزيز! سَيِّدُ الْقَوْمِ خَادِمُ الْفُقَرَاءِ (قوم جو سردار فقيرن جو خادم آھي) ۽ اھائي حضور ﷺ جن جي عادت مبارڪ ھئي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٻيون

مسڪينن تي رحم ڪرڻ

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن وٽ حاضر هيس ايتري ۾ محمد وارث مجذوب مٽرن جا ڪوهر ڪٽي آيو ۽ تمام گهٽي عاجزي سان عرض ڪيائين ته حضرتا! شهر مان داڻا پني انهن جا ڪوهر مٽرن وارا دعوت لاءِ آندا اٿم مهرباني فرمائي هن مسڪين جي دعوت قبول فرمايو پير سائين جن ان کي فرمايو ته دعوت قبول آهي فقير مجذوب مٽرن جا ڪوهر پير سائين جن کي پيش ڪيا ۽ پاڻ انهن کي واپرايائون ۽ وري مجذوب عرض ڪيو ته حضرتا! خليفي کي فرمايو ته اهو به ڪائي بعد ۾ مون کي به گڏ ڪارايائون اي عزيز! ڏس جو حضرت جن جا سچا پچا خلق حضرت سيدنا محمد ڪريم ﷺ وارا هئا جو ان ڪري محبت ۽ شفقت فقيرن مسڪينن سان رکندا هئا جيئن پاڻ نبي ڪريم جن پنهنجن غريب صحابه ڪرام سان شفقت رکيائون ٿي.

نقل 2: حضرت پير سائين جن مير فتح علي جي فاتحه خواني لاءِ حيدرآباد قلعي ۾ مير غلام علي ٽالپر وٽ تشريف فرما ٿيا ملاقات وقت مير غلام علي ٽالپر عرض ڪيو ته حضرتا اڳي ديني معاملا گهٽا فرمائيندا هئا. هاڻي هڪ ڪافر کي به مسلمان ڪرڻ جو معاملو ڪونه آيو آهي اهو ڇا جي ڪري پير سائين جن فرمايو ته مسلمان هندن جي پاسداري ڪن ٿا. تنهن ڪري هڻ ڪوتاهه ڪيو اٿئون بعد ۾ مير غلام علي عرض ڪيو ته حضرتا جيڪا سرحد اسان جي حڪم هيٺان آهي. ان جو پروانو لکي ڏيون ٿا ته ڪوبه سرڪاري ماڻهو. جيڪو ماڻهو مسلمان ٿيو يا مسلمان ٿئي ٿو. ان کي روڪ نه ڪري پاڻ ڪريمن جواب ۾ ڪجهه به نه فرمايو پوءِ جڏهن پاڻ مجلس مان ٻاهر اٿي آيا ته ان وقت فقير عرض ڪيو ته حضرتا! مير غلام علي خود پروانو لکي ڏنو ٿي پوءِ ڇا لاءِ قبول نه فرمايو؟ جواب عنايت فرمايائون ته اڳ ۾ اهو ڪم ان ڪري ڪندا هئاسون جو الله تعاليٰ دل ۾ الهام فرمائيندو هو ته فلاڻو ڪافر. سو مسلمان يقيني آهي ۽ هاڻي ٻيا مسلمان انهن جي پاسداري ڪن ٿا. تنهن ڪري سيئي ڪافر ٿين ٿا ۽ ٻين مسلمانن کي ڪافر ڪرڻ ديني ڪم نه آهي ان کان پوءِ بلڪل انهن معاملن کان هڻ ڪوتاهه ڪيوسون.

نقل 3: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ ڏينهن بيبي رابعه بصري رحمة الله عليها ڪنهن ويران کوه. جنهن تي رسو ۽ دلو ڪونه هو. ان کان لنگهي ڇا ڏسي ته ڪتي جا ٻچا آهن. جيڪي اڃ پيا مرن پوءِ ان وقت پنهنجي ڪپڑن کي ڦاڙي رسو ٺاهيائين. پر ننڍو ٿي پيو ۽ آخر پنهنجا وار ڪٽي ان مان رسو ٺاهي. کوهه مان پاڻي ڪڍي ڪتي جي ٻچن کي پيارياٿين جنهن ڪري الله تعاليٰ مٿس رحم فرمائي ان کي اعليٰ درجي تي پهچايو ۽ روحاني ترقي مان حصو مليس.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 4: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ مسڪين ماڻهو هر روز شاهوڪارن جي مجلس ۾ اچي ويهندو هو ۽ گهٽي جي چرپي جي ٽڪري گهر ۾ رکي ڇڏي هئائين اها هر روز صبح جو باھ تي تپائي، ٻئي هٿ ۽ منهن مچون مکي شاهوڪارن جي مجلس ۾ اچي، ٻٽاڪن سناکن ۾ همسري ڪندو هو ۽ ان جي پيٽ جا آندا زبان حال سان هٿن ۽ چپن ۽ منهن کي پٽيندا هئا جو توهان جي شامت ڪري اسان بکيا رهون ٿا جو ڪنهن کي اسان جي حالت تي رحم نٿو اچي هڪ ڏينهن اهو ماڻهو شاهوڪارن جي مجلس ۾ ڳالهيون ڪري رهيو هو تہ ايتري ۾ سندس ننڍي پٽ اچي چيو تہ بابا گهٽي جي چرپي جو ٽڪرو، جنهن سان توهان هٿ، منهن، مچون سٽيبون ڪندا هئا، اها ٻلو ڪٽي ويو حاضرين کي سندس حال تي رحم آيو ۽ هر هڪ پنهنجي موجود طعام مان، ان ڏانهن حصو موڪليو جڏهن انهيءَ رنگا رنگي کاڌا چکيا، تڏهن پنهنجي تنگ رزق جي حقيقت نعمت وارن جي اڳيان ظاهر ڪيائين ۽ تنگدستي کان چوٽڪارو لڏائين.

اي عزيز! جيڪو شخص چرپي سان مچون ۽ هٿ مکيندو هو، ان مان مراد خشڪ مشائخ ۽ رسمي عالم آهن، جن کي حقيقي علم جي ڪابہ خبر نہ آهي ۽ چرپي مان مراد پاڻ پاڻئي آهي جو پاڻ کي ڪاملن وانگر پائين ٿا، ۽ انهن سان همسري ڪري هميشہ جي دولت (جيڪا عاجزي ۽ نياز ۽ حال ظاهر ڪرڻ سان نصيب ٿيندي آهي) کان محروم آهن ۽ پاڻ پاڻئي واري ٽڪري کي جيڪڏهن ٻلو ڪٽي وڃي تہ پوءِ بجاءِ ٻٽاڪن جي الله وارن وٽ گريو ۽ زاري ڪن تہ آخر اهي سخي ڪامل انهن تي شفقت آڻي حقيقت جو رنگ برنگي طعام: "لَمْ يَتَغَيَّرْ طَعْمُهٗ ۚ" (سوره محمد:آيت ۱۵) (انهن جي شان ۾ آيل آهي) عطا ڪن پوءِ جيڪو پنهنجي گذريل ڏڪ کي ظاهر ڪندو، ان تي رحم ٿيندو ۽ ان تي قسمين قسمين انهن ڪاملن جي طرف کان احسان ظاهر ٿيندا.

بر کريمان کارها دشوار نيست!
(سخين وٽ کوبہ کم ڏکيو نہ آهي.)

نقل 5: خليفو ميان سيد جان محمد نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن نصيرواھ تان پيڙين ذريعي لنگهيا ٿي، هڪ فقير خليفي ميان سعيد خان ماباٽي جي گهوڙي کي لٽيون هٽي پيڙي ۾ وڌو ٿي، پير سائين جن گهوڙي جي حال ڏسي ڏکويل ٿيا ۽ فرمايائون تہ گهڙي کي ڪهڙي فقير لٽيون ٿي هيون؟ جڏهن اهو فقير حضور ۾ اچي حاضر ٿي ٻينو ۽ گهوڙي کي مارڻ واري لٹ ان جي هٿ هئي پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو خوامخواه وهٽ کي ايذاءُ ڏيڻ نہ گهرجي جيڪڏهن ڪو ماڻهو ائين پنهنجي بدن تي بہ لٽيون هٽي ڏسي تہ بي جي حال کان خبردار ٿئي مذڪوره فقير اها لٹ بہ ٿي پيرا پنهنجي بدن تي وهائي ڪيڊي پاڻ فرمايائون تہ اهڙي مستي اسان کي پسند نہ آهي اسان سپ ڪنهن کي سجاٽون ٿا پوءِ نقل بيان فرمايائون تہ هڪ دفعي حضرت علي ڪنهن وات کان لنگهيو، اوچتو سندس پير

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مبارڪ هڪ ڪول تي اچي ويو، جنهن ڪري ڪول چڪر ۾ اچي ويئي ۽ حضرت علي ان جي حال ڪي ڏسي پريشان ٿي ويهي رهيو جيستائين اها ڪول سڏي ٿي رواني ٿي پوءِ رات جو خواب ۾ حضور ﷺ جن جي زيارت کان مشرف ٿيا حضور جن کين فرمايو تہ اي علي ( ) اڄ کهڙو وڏو ڪم ڪري وڌئي، جو ڪول کي پير هٽي پنهنجي پروردگار کي پاڻ تي ناراض ڪيئي، ڇو تہ هيءَ ڪول پنهنجي جماعت جي اڳواڻ آهي ۽ صديقن مان آهي. الله تعاليٰ جڏهن کان وٺي ان کي پيدا فرمايو آهي تہ هڪ دم بہ ان جو بغير يادگيري الله تعاليٰ جي ضايع نہ ٿيو آهي مگر جنهن وقت توهان جو پير ان جي مٿان آيو حضرت علي هن حقيقت کي معلوم ڪري ڏاڍو فڪر مند ٿيا ۽ حضور ﷺ جن جي حضور ۾ عرض پيش ڪيائين تہ ڪنهن نموني سان هن گناه جي معافي ملي سگهندي؟ حضور ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ دل جاءِ ڪريو. وري اها ڪول توهان جي گناه جي بخشش لاءِ بہ سفارشي ٿي آهي.

نقل 6: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن جي هيءَ عادت مبارڪ هئي، جو جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو ٻانهي يا ٻانهو نذرانو پيش ڪندو هو، تہ پاڻ ان کي قبول فرمائي، ان وقت ئي آزاد ڪري ڇڏيندا هئا هڪ ڏينهن آڻون حضور ۾ حاضر هيس، ايتري ۾ هڪ ماڻهو ٻانهي وٺي اچي نذراني طور پيش ڪئي پير سائين جن ان کي قبولي، زنانا نوان ڪپڑا ۽ ڪجهه زيور پنڑا وغيره ان کي ڏيئي فرمايائون تہ اي امان تون هاڻ آزاد آهين جيڪڏهن اسان وٽ رهندينءَ تہ ٻين مريدياڻين وانگر آهي جيڪڏهن ٻي جاءِ تي وڃين تہ تنهنجي اختيار جي واڳ، تنهنجي رضا جي هٿ ۾ آهي.

نقل 7: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو هڪ سفر ۾ حضرت پير سائين جن جي سواري اڳيان آڻون ۽ ٻيا فقير ڊڪندا ٿي ويا سون. جماعت جي گهٽائي جي ڪري وات جي دز بہ گهٽي پئي ٿي ۽ پير سائين جن جي بدن مبارڪ کي ٿي لڳي، ان ڪري اسان وات ڇڏي سخت زمين (بغير لٽ واري) تان آياسون پي، پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو تہ وات جو وچ وٺي هلو جو الله تعاليٰ جي طالبن جي پيرن جي ڏڻ اسان جي طبيعت کي پسند آهي.

اي عزيز! سبحان الله عجب ذات مبارڪ، محب الفقراءِ ۽ مسڪينن تي رحم ڪندڙ هئي.

نقل 8: هڪ عورت حضرت پير سائين جن جي حويلي مبارڪ مان ڪا شيءِ چورائي کٹي ويئي،اندر جي پاڪن پير سائين جن کي عرض ڪيو تہ حضرتا! هيءَ عورت شيون چوري ڪري کٹي ويئي آهي پاڻ ڪريمن ان کي گهرائي جوش مان فرمايائون تہ اي امان! تون سچ چؤ؟ پوءِ ان عورت چوري جو اقرار ڪيو ۽ سچي ڪيائين. پير سائين جن ان جي سچي ڪرڻ کان پوءِ رحم ۽ مهرباني ڪندي معاف فرمائي هڪ جوڙو ڪپڑن جو عنايت ڪري، ان کي دعا بہ ڪيائون ۽ فرمايائون تہ اي امان! هيءُ جوش تنهنجي چڱائي لاءِ ڪيوسون:

ڏمريو تان ڏي، پر چي تان پل پري،
جُنگ جکري کي، ٻئي چگيون آهن چت ۾!

نقل 9: خليفو ميان اميد علي نقل کري ٿو ته هڪ دفعي هڪ ماڻهوءَ حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ ڏهه روپيه نذرانو رکيو جيڪي کنهن ٻي ماڻهو کٽي خرچ کري چڏيا. اتفاقًا اها خبر پير سائين جن جي خادمن کي پئي ته ان کان پئسا گهرياٿون ان جواب ۾ چيو ته مون کي پاڻ کريمن بخشي ڏنا آهن ان وقت ئي هڪ خادم پير سائين جن وٽ آيو ۽ عرض کيائين ته حضرتا! ڏهه روپيه فلاڻي کي بخشا اٿو؟ پاڻ کريمن گهڙي کن ماڻ کري ان تي کاوڙجي جوش سان فرمايائون ته توکي هن کم ۾ کنهن وڏو آهي؟ پوءِ هو ويچارو ماڻ ٿي ويو.

نقل 10: مائي کپوري جيڪا، حضرت پير سائين جن جي سچي مريدياڻي هئي، ان جي صغير ڏيءَ، ان جي پٽ پنهنجي عزيزن ۾ (جن کي کوبه ادب نه هو ۽ نه وري پير سائين جن جي سلسلي ۾ داخل هئا) نڪاح کرائي چڏيو ته اهو کم مائي کپوري کي نا پسند آيو جڏهن ڏيءَ بالغ ٿي، يعني بلوغت جا نشان ظاهر ٿيس، تڏهن ان نينگريءَ ٻين معتبر عورتن کي چيو ته منهنجي ياءُ جو نڪاح کرايل مون کي قبول نه آهي هاڻي اختيار منهنجي هٿ ۾ آهي. جڏهن ان جي عزيزن اها خبر ٻڌي تڏهن قاضي محمد صادق کوڙن واري وٽ فرياد کيائون قاضي صاحب چيو ته هن وقت مصلحت هي آهي ته هڪ ڀيرو حاکمن جي زور سان نڪاح واري عورت کي پنهنجي هٿ ۾ آڻيو پوءِ شرعي مسئلي سان فيصلو ٿيندو ان کانپوءِ اهي مير ٻڌي ٽالپر (جيڪو پير سائين جن جو مريد هو) وٽ ويا ۽ ان جا ماڻهو گڏ وڃي انهيءَ عورت کي زوري ان جي ماءُ جي گهر مان کٽي پنهنجي هٿ کيائون ۽ مائي کپوري هن ٻانهي (جامع ملفوظات) وٽ دانهن آندي، پوءِ فقير کي ته اڳ ۾ ئي درگاهه مبارک ڏانهن اچڻ جو ارادو هو سو ان سان گڏجي ديهه کپراڻي (جيڪا ٻي طرف وارن جي رهڻ جي جاءِ هئي) پهچي حال احوال معلوم کري ڏٺم ته ڳالهه صحيح نه آهي. (۱) فقط فتني ۽ فساد جي باهه پکيڙي اٿن لاچار اتان درگاهه مبارک ڏانهن روانو ٿيس جڏهن پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر ٿيس ۽ حقيقت حال پيش کيم. ته پاڻ کريمن کي هن نامشروع کم کان تمام گهڻي تکليف ٿي. ايتري ۾ مير ٻڌي ٽالپر طرفان پنجاهه روپيا ۽ هڪ ريشمي لونگي پنهنجي ماڻهوءَ سان پير سائين جن جي خدمت ۾ نذراني طور موڪلي هئي، سا امانت اڇي پهتي، پر پاڻ مذکوره واقعي جي کري قبول نه فرمايائون ۽ واپس کري ڏنائون پوءِ جڏهن پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ ديهه کٽياڻ ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن مير جام ٽالپر (مير ٻڌي جو وڏو ياءُ) پير سائين جن جي زيارت کرڻ آيو. پاڻ کريمن ملاقات کان پوءِ ان کان پڇائون ته مير ٻڌو ڇو نه آيو؟ هن عرض کيو ته حضرتا! حجاب جي کري ڇو ته هن خدمت اقدس ۾ نذرانو موڪليو هو ۽ اوهان ان کي قبوليت جو شرف نه بخشيو هو. ان کري سائين جن جي ناراضگي کان ڊڄي حاضر نه ٿيو پوءِ پاڻ کريمن هن ٻانهي کي فرمايائون ته دولت وارن ماڻهن جي مريدي ۽

ارادتمندي اها ئي آهي حضرت ميان صاحب جن فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن دولت وارو ماڻهو ارادتمنديءَ ۾ پنهنجي پٽ کي ذبح ڪري، تہ ائين نہ سمجهجو تہ هي ڪو الله ڪارڙ ڪيو اٿس بلڪ يقيناً ان ۾ ڪو نفساني غرض رکيو هوندائين واقعي اهو ارشاد سچو آهي هاڻي ان کي گهرائڻ واجب آهي، متان حجاب کان ڪنهن گمراهي ۾ نہ پوي پوءِ جام ٽالپر کي فرمايائون تہ ٻڌي کي اسان جي طرفان چئجانءِ تہ اسان کان ڇو حجاب ڪيو اٿئي؟ صبح جو ٻڌو ٽالپر خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ روئي رڙي پير سائين جن کي دعوت ڏيئي پنهنجي شهر ۾ وٺي ويو ۽ اتي مائي ڪپوري بہ پاڻ ڪريمن وٽ فرياد ڪري مدد گهري ان وقت مير ٻڌي ٽالپر، مائي ڪپوري جي ڏيءَ ۽ ان جي مڙس ۽ ان جي ٻين عزيزن کي گهرائي پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر ڪيو ۽ پٽ عرض ڪيائون تہ حضرتا! جيڪو شرعي حڪم هجي، ان جو اظهار فرمايو پاڻ ڪريمن ميان قابل شاهہ کي فرمايو تہ مائي ڪپوري جي ڏيءَ جي رضامندي هن مڙس جي متعلق پڇا ڪرڻ توهان جي مٿان آهي پر مڙس جي اڳيان پڇا نہ ڪندا، ان کان پوءِ ميان قابل شاهہ زال مڙس کي هڪ جاءِ تي گهرائي، هڪ ٻي جي روبرو زال کان پڇيائين تہ زال کابہ ناراضگي پنهنجي مڙس جي متعلق ڪوبہ ڏيڪاري پوءِ ميان قابل شاهہ وري نئين سر ايجاب قبول ڪرائي نڪاح پڙهي ڇڏي ڏنو مائي ڪپوري وري پير سائين جن وٽ فرياد ڪٽي آئي تہ حضرتا! ميان قابل شاهہ حڪم جي خلاف ڪم ڪيو آهي، جو زال کان پڇا مڙس جي اڳيان ڪئي اٿس پير سائين جن جوش ۾ اچي ميان قابل شاهہ کي فرمايو تہ توهان جي عجيب ديانتداري آهي پوءِ ٻڌي ٽالپر هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ حضرتا! هاڻ اهو ڏوهہ هن ٻانهي تي نہ آهي، ٻانهي سيئي بازو حضور ۾ حاضر ڪيا، آئنده اختيار جا مالڪ توهان آهيو پوءِ ٻڌي ٽالپر مائي ڪپوري کي مدد طور، پوک ڪرڻ لاءِ زمين جو ٽڪرو هر سال ڏيڻو ڪيو ۽ مائي کي چيائين تہ تون پير سائين جن کي عرض ڪر تہ حضرتا! جيڪڏهن منهنجي ڏيءَ راضي ٿي ويئي آهي تہ آئون بہ راضي آهيان تہ جيئن پير سائين جن کابہ گراني نہ سمجهن پوءِ مائي ائين ئي ڪيو.

نقل 11: مومن فقير دل نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن جمعي جي ڏينهن وعظ کان پوءِ ڪرسي تي وينا هئا، ۽ ڪتاب هٿن مبارڪن ۾ هو، ايتري ۾ هڪ شخص مسئلو پڇو تہ حضرتا! بي نمازي ۽ بدعت واري کي ڪارائڻ يا ڪا شيءِ ڏيڻ جائز آهي يا نہ؟ جواب ۾ فرمايائون تہ صلاحيت واري ۽ مرد صالح کي ڏيڻ گهرجي پوءِ بلوچ قوم جي هڪ شخص اٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا! توهان جا مريد چون ٿا تہ بي نمازي کي ماني ڪارائڻ بلڪل جائز نہ آهي پير سائين جن هيءَ ڳالهہ ٻڌي فقيرن جي جماعت ڏانهن نظر مبارڪ ڪيائون ۽ ڪتاب گوڏن تي رکي فرمايائون تہ اي يار! جيڪڏهن اسان کان پڇين ٿو تہ تون پنهنجي هٿ کان ڪڍي ڇڏ، پوءِ جنهن کي ڏئين ٿو، ان کي ڏي.

نقل 12: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن شڪارپور ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، ۽ ٻانهو (جامع ملفوظات) بہ خدمت ۾ حاضر هو، اتفاقاً ٻيهري نماز کان پوءِ جنهن جماعت ۾ وينل هئا، هي فقير (هن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ارادي سان ته خلق کي تلقين ڪرڻ جي تڪليف ٻانهي کان معاف ٿئي) روئڻ لڳو ۽ انهيءَ مسجد شريف ۾ هڪ ماڻهو هو، جنهن کي پنيءَ ۾ قٽ هو ۽ ان ۾ ڪيڙا پئجي ويا هيس انهن ڪيڙن جي درد ڪري رڙين مٽان رڙيون ٿي ڪيائين پير سائين جن انهيءَ ڏينهن ان جي پنيءَ تي ڦيٽو وجهي ڪپڙي سان ٻڌرائي ڇڏيو شام جو درد جي گهٽ ٿيڻ ۽ ڪيڙن جي مرڻ ڪري جميعت ٿيس ۽ هزارين دعائون۽ تعريفون ڪرڻ لڳو پاڻ ڪريمن منهن مبارڪ ٻانهي ڏانهن ڦيرائي فرمايائون ته هن شخص جو ڳالهائڻ ٻڌين ٿو چا ٿو چوي؟ مون عرض ڪيو ته حضرتا! اوهان ڪريمن کي دعائون ڪري ٿو پوءِ پاڻ فرمايائون ته هن کي پنيءَ جي قٽ ۾ ڪيڙا ۽ درد هو، پوءِ جڏهن ان جي قٽ تي ڦيٽو وجهي ڪپڙي سان ٻڌرايوسون، ته ان ڪري آرام ٿيو اٿس، ۽ درد هلڪو ٿيو آهيس ۽ ڪيڙا مري ويا اٿس جنهن ڪري دعائن ڏي ۽ تعريفون ڪري ٿوپوءِ عجب آهي جو ظاهري ڪيڙن جي مرڻ سان هيتريون دعائون ٿين ٿيون ته پوءِ اصل صورت جي دل جي اندر وارن ڪيڙن کي دفع ڪرڻ، ۽ انهن کي جمعيت حاصل ڪرائڻ سان، ڪيترن دعائن ۽ الله تعاليٰ جي رضامندي ۾ حقدار ٿيندو؟ پوءِ ٻانهي صبر ڪيو ۽ دل جي تسڪين ٿي.

نقل 13: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو ته حافظ عبدالمجيد نابين درگاهه مبارڪ جي ڏاکڻي طرف رهندو هو، هڪ رات قضاءِ حاجت لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتو ٻينو هو، ته بلوچ قوم جا ڪي سوار آيا ۽ پڇيائون ته اي فلاٽا! اسان کي حضرت پير سائين جن جي مسجد شريف ڏيکار ان چيو ته مان حافظ آهيان (انهيءَ طرف جي ماڻهن جي اصطلاح ۾ حافظ انڌي کي ۽ چوندا آهن) مسجد ڪيئن ڏيکاريان؟ هنن چيو ته جيڪڏهن حافظ مسجد ڏيکاريندو ته گنهگار نه ٿيندو انهيءَ معذور شخص کاوڙ مان انهن کي چيو ته عجب بيوقوف آهيو، جو مون حافظ ماڻهو کي توهان مسجد ڏيکارڻ جو چئو ٿا ان ڳالهه چوڻ سان انهن مان هڪڙوشخص سواريءَ تان لهي آيو ۽ ٻه ٽي لکڻ ان نابين کي وهائي ڪڍيائين پوءِ حافظ صبح جو پير سائين جن وٽ اچي، لکڻ جا ڏڪ ڏيکاريائين ۽ رات واري شڪايت عرض ڪيائين پاڻ ڪريمن ان کي آهستي فرمايو ته اي حافظ اهي لاڙ جا رهندڙ هئا ۽ ڪين معذور کي حافظ چوڻ جي اصطلاح جي خبر ڪانه هئي توکي چوڻ ڪهندو هو ته آڱ انڌو آهيان ته توکي ڪوبه ايذاءُ نه پهچائين ها پوءِ پاڻ حافظ جي گهٽي دلجوئي فرمائيندي پاڻ ۾ ورتائون ۽ ڪيس مهربانين سان نوازيائون.

نقل 14: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي فقيرن جون دعوتون ورتيون. پاڻ جڏهن ٽنڊي شهر ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن هڪ مجذوب (ٽنڊي جي شهر جو رهندڙ) اچي جماعت سان گڏ ٿيو ۽ لاڙ ۽ ڪڇ جي دعوتن ۾ فقيرن سان گڏ ٻوڙ پلاءِ خوب کاڏائين. پاڻ جڏهن خيريت سان واپس درگاهه مبارڪ تي پهتا ته ان وقت فقيرن کي فقر فاقو (مسڪيني جي ڪري بک جو حال هو) اهو مجذوب بک کان تمام عاجز ٿي پيو هڪ ڏينهن پاڻ ڪريم درگاهه مبارڪ جي مسجد شريف ۾ فجر نماز کان پوءِ مراقبي ۾ ويٺا هئا ته اهو مجذوب پير سائين جن کي ويجهو اچي، مٽان بيهي چوڻ لڳو ته حضرتا مراقبي ۾ ڪا شيءِ يا ڪو ٻوڙ پلاءُ ڏسو ٿا؟ پير سائين جن هن ڳالهه تي مرڪي ويٺا ۽ ڪيس دلاسا ڏنائون.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاهه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 15: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر دوران ديهه ولاسه ۾ تشريف فرما ٿيا اتي ميرڻ فقير ٽالپر هڪ غلام نذراني طور حضور ۾ آندو پاڻ ان کي قبول فرمايائون ته ان وقت ان ڇوڪري روئڻ شروع ڪيو پير سائين جن ان وقت ئي دلبري ۽ دلجوئي فرمائي، ان جي مٿي تي هٿ ڦيريائون ۽ هڪ ڪپڙو ان کي عنايت ڪري آزاد ڪيائون.

نقل 16: اميد علي ٽالپر نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن سفر ۾ مينهن فقير حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! کي فقير نذرانو (جيڪو خدمت ۾ حاضر ڪرٽو هوندو اٽن اهو) اسان کي آٽي ڏيندا آهن ۽ کي فقير اسان کي نٽا ڏين ۽ پر پٽ پنهنجي خرچ ۾ آٽي ڇڏيندا آهن جواب ۾ فرمايائون ته اي مينهان! اسان توکي نذراني جي نگراني لاءِ فقيرن ڏانهن نه موڪليو آهي اسان کي تنهنجي نذراني جي ڪابه ضرورت نه آهي، جيڪڏهن فقيرن مان ڪنهن کي ضرورت هجي ته پل اهو خرچ ڪري.

نقل 17: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾، ڪليلي ڏنڊ جي ڪناري تي تشريف فرما ٿيا جماعت سڳوري اتان پار ٽيندي رهي، اتفاقًا هڪ ڏينهو پير سائين جن جي پيراهڻ جي دامن ۾ اچي چنبڙيو حاجي جعفر هٿ ڌوڳهو ڪري خيال ڪيو ته ڏينهو پري ڪريان. پاڻ ڪريمن فرمايو ته اي يار! ڏينهو کي پري نه ڪر چو جو فقيرن جي دامن ۾ اچي پيو آهي.

نقل 18: مريد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن درگاهه مبارڪ تي ناچاڪ ٽي پيا، جڏهن ٽپهري نماز لاءِ مسجد شريف ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن امامت ۽ قرائت لاءِ قاضي عبدالرحمٰن کي حڪم فرمايائون قاضي قرائت ۾ تمام ڊيگهه ڪئي جڏهن نماز کان فارغ ٿيا، تڏهن فرمايائون اڄ ڊگهي قرائت ۽ گهٽي ويهڻ جي ڪري ڪيترا بيمار ڪري پيا آهن، چو ته بيمار کي ڊگهي قرائت ڏکي لڳندي آهي هن کان اڳي اسان به قرائت گهٽي ڪندا هئاسون.

نقل 19: سلطان فقير ٽالپر هڪ معتبر راوي کان نقل ڪري ٿو، ته هڪ ڏينهن هڪ شخص حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! مون ضعيف جي پوڪ ۾ پکي تمام گهٽا آهن ايتري ۾ پير سائين جن جي جواب کان اڳ ۾ هڪ ٻئي فقير جواب ڏنو ته کو خوف نه ڪر پاڻ ڪريمن هن حقيقت کي ٻڌي ان ٻي شخص کي چيائون ته تون ڪابه خبر نٿو رکين پوءِ سواليءَ تي رحم ڪري فرمايائون ته جيڪو تنهنجي سائي پوڪ جي وچ ۾ (هستي جو) وڻ بينل آهي، ان کي وڍي ڇڏ ته پکين کان ڇٽي پوين.

فصل ٽيون
دوا ۽ درمل

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ جڏهن استاد سائين مخدوم ميان يار محمد جن وٽ ڪوٽڙي شهر ۾ ظاهري علم حاصل ٿي ڪيم ان وقت ۾ سيني طالبن کي سبقن جا پيرا ڏيارينڊو هيس انهن طالبن ۾ بوبڪ ڳوٺ جو هڪ طالب علم بہ هو جنهن جو پيءُ علم طب جو وڏو ماهر هو ۽ سنڌ جي حاڪم غلام شاه ڪلهوڙي وٽ حڪيم مقرر هوندو هو اهو ڇوڪرو منهنجو هم سبقي هو. هڪ ڏينهن مون کي متي ۾ سور ٿي پيو ۽ اهو ڇوڪرو سبق جي پيري ونڻ لاءِ انتظار ۾ هو مون هن کي صفا جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ متي جي سور جو ٻڌايو متعلم مذڪور چيو تہ جيڪڏهن متي جو سور ڇڏي وڃي تہ پوءِ سبق جو پيرو ڏيارينديندين؟ مون چيو هائو پوءِ ويو سو ڪجهہ ناس ڪٽي آيو. ان وقت مون ناس نڪ ۾ سنگهي تہ سنگهڻ سان نڪ مان بہ ٿي ڦڙا پاڻيءَ جا ڪري پيا ۽ بہ ٿي ڇڪون بہ آيون ۽ سور بلڪل ڇڏي ويو پوءِ سبق جا پيرا ڏياريامانس ۽ ناس ناهڻ جو طريقو پڇيو مانس چيائين سنڌ ۽ مصري هم وزن ڪٽي، پاڻ ۾ ملائي، ڇاڻي ناس تيار ڪريو ۽ هن ترتيب کي لکائي ڇڏجو، ڇو تہ هڪ ڏينهن ميان غلام شاه متي جي سور کان اچي تنگ ۽ عاجز ٿيو هو. منهنجي والد صاحب ان کان ضرورت وارين شين ونڻ لاءِ هڪ سؤ روپيہ ونيو، هن ناس مان ڪجهہ ڏنائينس تہ استعمال ڪرڻ سان بنا دير خوش ٿي ويو. هيءَ ناس متي جي سور لاءِ تمام مجرب آهي پوءِ عام کان تمام گهٽو لکائيندو هيس جڏهن حق جي طلب ۾ مشغول ٿيس تہ اهو خيال دل مان ڪڍي هر خاص عام کي ترتيب ٻڌائيندو هوس، ڇو تہ انسانن کي فائدو پهچائڻ تمام سنو ڪم آهي: "خَيْرُ النَّاسِ مَنْ يَّنْفَعُ النَّاسَ" (بهتر ماڻهو اهو آهي جيڪو ماڻهن کي نفعو پهچائي ٿو.)

نقل 2: هڪ دفعي ٻانهي (جامع ملفوظات) کي هٿ جي تريءَ تي ڪارو داغ پيدا ٿي پيو. ان ۾ خارش ۽ سائڙو تمام گهٽو هو. انهيءَ جي حقيقت حضرت پير سائين جن جي اڳيان عرض ڪيم ۽ اهو داغ بہ ڏيڪاريم پاڻ فرمايائون تہ اسان کي بہ اهڙو داغ گوڏي تي نڪتو هو. ان ۾ خارش ۽ سائڙو تمام گهٽو هو. سو اسان صبر ڪيو. نيٺ ان داغ مان قرڙي ٿي پئي ۽ اها قرڙي وڏي ٿي ڦاٽي پئي ۽ پونءِ نڪرڻ کان پوءِ شفا ٿي ويئي ۽ هي داغ توهان جي هٿ جي تري تي آهي ۽ چمڙو سخت آهي، ان مان قرڙي نہ نڪرندي انهيءَ داغ جي پاسن تي هڪ مهيني ۾ ٿي دفعا ڇورون هٽايو. پوءِ حڪم موجب ڇورون هٽايم. سو پهرين دفعي ڇورون سپ مري ويون. ٻي دفعي ڪجهہ مري ويون ۽ ڪي زندهہ رهيون.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آخرڪار ٽئين دفعي ڇورون ڪيائون ڪان بعد پير سائين جن جي دعا سان صحت ڪُلي حاصل ٿي ويئي.

نقل 3: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته جنهن کي اک ۾ موتئي جي بيماري هجي ان کي گهرجي ته سهيل تارو جنهن کي سنڌيءَ ۾ ايندڙ چوندا آهن انهيءَ ڏانهن گهٽو ڏسندو رهي، ان شاءَ الله تعاليٰ مذڪوره بيماري کان شفايابَ ٿي ويندو.

نقل 4: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ ڪنهن ماڻهو عرض ڪيو ته حضرتا! مون کي پاسرين ۾ سور آهي، ڪا دوا ارشاد فرمايو ته استعمال ڪري چگو پلو ٽيان پاڻ فرمايائون چٽن جا ڪوهر استعمال ڪر پوءِ حاضرين مجلس ڏانهن نظر عنايت ڪري فرمايائون ته هڪ ڏينهن اسان کي پاسي ۾ سورهو. ۽ هڪ مائي فقيرياڻي اسان کي دعوت ڪري گهر وٺي ويئي، جڏهن ويساسون تڏهن چٽا اوباريل (جن کي سنڌيءَ ۾ ڪوهر چوندا آهن) آڻي اڳيان رکيائين، سي ڪائڻ شرط پاسي مان سور هليو ويو. انهيءَ ڏينهن کان وٺي هيءَ اسان جي دوا آهي ۽ هر هڪ سائل کي ٻڌائيندا آهيون.

نقل 5: خليفو اميد علي نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ چاچڪن جي پرسان هڪ ديهه ۾ تشريف فرما ٿيا، اتي پير سائين جن ۽ هن ٻانهي کي تپ اچي ويو خليفي ميان سلطان هن ٻانهي جي تپ جي حقيقت، پير سائين جن جي اڳيان پيش ڪئي پاڻ ڪريمن جواب ۾ ارشاد فرمايو ته جيڪي اصل ۾ ظاهر ٿيندو آهي، فرع ۾ به ان جو اثر ظاهر ٿيندو آهي ٻه ٽي ڪڙ جا آنا عنايت فرمايائون جي ڪائڻ شرط شفا ڪُلي حاصل ٿي ويئي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل چوٿون
سخاوت ۽ مروت

نقل 1: هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ ڏينهن بزرگن جي جماعت ببي رابعہ بصري وٽ صحبت لاءِ آئي، ببي رابعہ بصري پڇيو توهان جو روزينو ڪيئن آهي؟ چيائون تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ موڪلي تہ تہ ڪائون تا، جيڪڏهن نہ تہ صبر ڪريون تا ببي صاحبہ فرمايو تہ بصري جي ڪتن جو بہ اهو طريقو آهي ان کان پوءِ ان جماعت سوال ڪيو تہ توهان جو گذران ڪيئن آهي؟ فرمايائين تہ مزدوري ڪندي آهيان، پوءِ جيڪي هٿ ايندو آهي ان کا چار حصا ڪري ان مان ٽي حصا ڪائيندي آهيان هڪ حصو ساڻي ڇڏيندي آهيان وري پڇيائون تہ ڇا جي ڪري ٽي حصا ڪائين ٽي ۽ هڪ حصو ساڻين ٽي؟ ببي صاحبہ فرمايو تہ ٽي حصا خدا ڪارڻ ڏيان ٽي ۽ هڪ حصو پيٽ ۾ ڪانوان ٽي ڇو تہ حقيقت ۾ اهي ٽي حصا جيڪي خدا ڪارڻ ڏنم اهي ڪانوان ٽي ۽ جيڪو پنهنجي پيٽ ۾ ڪاڌم، اهو ڇڙ تہ ساڻيان ٽي:

سخاوت بود کار صاحب دلان
سخاوت بود پيشہ مقبلان

(سخاوت ولين جو ڪم آهي، سخاوت مقبول بانهن جو ڏنڏو آهي).

سخاوت مس عيب را کيميا است
سخاوت همہ درد ها را دوا است

(سخاوت عيبن جي ٽامي لاءِ ڪيميا آهي، سخاوت سيني ڏکن جي دوا آهي)

نقل 2: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايائون تہ فتح مڪي واري ڏينهن حضور ﷺ جن پنج سؤ اُٺ نر ابوسفيان کي بخشيا هئا ۽ پين مڪي وارن کي بہ ڪجهہ مدد فرمائي هئائون، ان تي هڪ صحابي (جيڪو شعرن چوڻ ۾ مشهور هو) چيو تہ هجرت کان پوءِ حضور ﷺ جن پنهنجن مائٽن سان ايتري قدر ڳنڍجي ويا آهن، جو هيتري انهن تي بخشش فرمائي اٿن. حضور اڪرم ﷺ جن صحابي جي زبان مان هن ڳالهہ ٻڌڻ شرط حضرت علي کي فرمايائون تہ وچ هن جي زبان وڌ! حضرت علي ان کي هٿ مان ونڊي هڪ طرف روانو ٿي ويو جڏهن گهٽو پنڌ ڪري ويا، تڏهن ان اصحابي چيو تہ هيترو پنڌ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چا لاءِ ٿا ڪريو حضور ﷺ جن توهان کي منهنجي زبان وڍڻ جو حڪم فرمايو اٿن توهان منهنجي زبان کي وڍيو؟ حضرت علي ان کي جواب ۾ ڪجهه به نه فرمايائون. اتي نه بيٺا ۽ هلندا ويا. وڃي هڪ جاءِ تي پهتا. جتي بيت المال جا اٺ بينل هئا انهن اٿن مان پنجاهه اٺ ونڊي ان اصحابي کي ڏنائين ۽ وري ٻئي ڇٽا حضور ﷺ جن جي حضور ۾ حاضر ٿيا جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي اڳيان آيا. تڏهن حضرت علي شير خدا سڄو قصو بيان ڪري ٻڌايو تڏهن نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته اي علي! تو هن جي زبان کي احسان سان بند ڪري ڇڏيو.

نقل 3: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ ٽنڊي بهادر نظاماڻي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. جڏهن سج مٿي آيو. تڏهن پاڻ آرام فرمائي اٿيا ۽ پنهنجي عادت موافق وضو فرمايائون. ان وقت سعد الله فقير سنڌي چانورن جا ۽ طباخ ڳائي گوشت سان رڌل عام ماڻهن جي طعام مان پري ڪٽي اڇي پاڻ ڪريمن جي اڳيان حاضر ڪيا پاڻ ان مان ڪجهه استعمال فرمايائون اتي محمد حسين فقير نظاماڻي ۽ اٺ نذراني طور پيش ڪيا. پير سائين جن اهي ٻئي اٺ هڪ سوالي کي جيڪو ساڻن گڏ هو گهرائي ڏيئي ڇڏيا ان نظاماڻي فقير عرض ڪيو ته حضرتا! هنن مان هڪڙو مڏي جي بار ڪٽ جهڙو آهي پاڻ فرمايائون ته سائل کي ڏيو وري فقير عرض ڪيو ته هڪڙو انهن ۾ تمام سهڻو ۽ طاقت وارو آهي، پاڻ فرمايائون ته اڳي ۽ ائين ئي ٽيندو آهي:

سخاوت بود کار صاحب دلان
سخاوت بود پيشہ مقبلان

(سخاوت ولين جو ڪم آهي، سخاوت قبول پيلن جو ڏنڏو آهي)

سخاوت مس عيب را کيميا است
سخاوت همہ درد ہا را دوا است

(سخاوت عيبن جي ٽامي لاءِ ڪيميا آهي، سخاوت سيني ڏکن جي دوا آهي)

نقل 4: گل فقير مونگيو (چاڪر هالا جو رهندڙ) خليفي ميان لقمان کان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن مڏيءَ جي خادمن کي فرمايو ته مڏيءَ ۾ ڪا شيءِ آهي؟ انهن چيو ته گهٽي موجود آهي. پاڻ فرمايائون ته جيڪي آهي، سيئي ڪٽي اڇو هنن پير سائين جي حڪم سان سيئي سامان ڪيڊي اڇي اڳيان حاضر ڪيائون. پاڻ ڪريمن ان مان هڪ سؤ روپيه ڪيڊي ڪنهن فقير وٽ امانت رکيا ۽ باقي سڀ سائلن ۾ ورهائي ڇڏيائون. پوءِ فرمايائون: اي خليفا (يعني هي ٻانهو) جماعت ۾ ڪو ماڻهو آهي جو هي ٻئسا مريد فقير جويه کي (جيڪو اڳي سوالي هو) پهچائي اچي. قاضي محفوظ اتي حاضر هو. ٻئسا انهيءَ کي ڏنائون ته مريد فقير جويه کي ڏيئي اچي. ان کان پوءِ پاڻ

درگاھ مبارڪ تي تشريف فرما ٿيا ھن کان اڳي سندن عادت مبارڪ هيءَ هئي، جو جڏھن ڪٿي سفر کان موٽندا ھئا، تڏھن پھريائين قرضدارن کي قرض ادا ڪندا ھئا ۽ پوءِ حويلين مبارڪن ۾ ويندا ھئا، جيڪو انھن قرض ڪنيو ھوندو ھو، انھيءَ کي ادا فرمائيندا ھئا ان کان پوءِ جيڪي بچيو، اھو ان شھر جي مسڪينن ۽ صاحبزادن ۾ ورھائي ڇڏيندا ھئا ان دفعي شيخ گلاب جنھن جي دڪان تان پير سائين جن قرض ڪٽندا ھئا، اھو حاجي ٺاري سان ملاقي ٿيو، حاجي ٺاري ان کي چيو تون اسان سان ملاقات نه ڪر، چو ته توکي اسان جي ملاقات مان ڪوبه فائدو نه آھي ان اھو سمجھي چيو ته شايد ھن سفر ۾ فتوحات نه ٿي آھي حاجي ٺاري چيو ته نذرانو تمام گھٽو آيو ھو، پر پير سائين جن سڄو سائلن مسڪينن کي عطا فرمائي ڇڏيو شيخ نماٽو ٿي سندن حضور ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! اسان به سائل آھيون پاڻ ڪريمن فرمايو ته الله تعاليٰ توھان جي سوال کي به قبول فرمائيندو وري ان شيخ عرض ڪيو ته حضرتا! پاڙي وارن سائلن جا حق ٻين سائلن کان وڌيڪ گھٽو اڳي آھن پير سائين جن مٺس ڪاوڙ فرمائي ڪوبه جواب ڪونه ڏنو، ۽ ان جي وڃڻ کان پوءِ فرمايائون ته ھنن قرضين کي الله تعاليٰ تي اعتبار نه آھي، ھن کان پوءِ مان انھن کان قرض نه ڪٽندس ۽ ان وقت خدمت گارن به عرض ڪيو ته حضرتا! آئنده ان کان اوڏر ھرگز نه ڪٽنداسون پوءِ پاڻ ڪريمن جي توجھ مبارڪ سان الله سبحانه و تعاليٰ پنھنجي وڏي مھرباني سان ايتري قدر نعمت عنايت فرمائي، جو ان مان قرضين جا قرض ادا ڪرڻ ۽ ڏيڻ وٺڻ جا معاملا ۽ شھر جي مسڪينن ۽ سائلن کي ڏيڻ ۽ خدمت گارن ۽ حضرات صاحبزادن کي ۽ حاويلين کي به گھربل شيون ساڳي طرح ملنديون رھيون ۽ ان کان به وڌيڪ سھڻي نموني سان ڪم ھلڻ لڳو پوءِ گلاب شيخ کي معلوم ٿيو ته پاڻ سڳورا مطلق غنيءَ جي خزانن جا عام مختيار آھن تڏھن ان حضور ۾ اڇي روئي ڪري عرض ڪيو ته حضرتا! ھن غلام جي دڪان کي اوھان جي کٽت کان جيڪا نعمت عظميٰ مليل آھي، تنھن کان محروم نه ڪريو پير سائين جن ارشاد فرمايو ته توکان دنياوي قرض اڃ کان پوءِ ھن ڪري نه ڪٽنداسين، جو توھان جي نيت ۽ خيال آھي ته پير جڏھن به سفر کان ايندو ته قرض جي ادائگي ڪندو ۽ اسان جي سفر کي توھان محض دنيا جي حاصل ڪرڻ لاءِ خيال ڪيو آھي ائين نه آھي بلڪ اسان جو سفر مان ارادو حضرت رسول خدا ﷺ جن جي سڃي امت جي خدمت ڪرڻ آھي جڏھن الله تعاليٰ کنھن کي ھدايت فرمائي پوءِ شيخ چيو ته حضرتا! بيشڪ اوھان حق ٿا فرمايو اسان بي سمجھن جو خيال اھوئي ھو، پر ھاڻي ھن کان توبه ڪئي سون، پوءِ گھٽي آزي نيازي کان بعد شيخ تي راضي ٿيا ۽ ساڳي طرح ان کان کٽت کٽايائون ۽ ان وقت فرمايائون ته الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آھي: " يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ " (سورة البقره: آيت ٣) (اھي جيڪي غيب تي ايمان آڻن ٿا) سو ظاھري سببن تي طالب کي ڀروسو ڪرڻ بلڪل نه گھرجي.

نقل 5: حاجي احمد ٽالپر نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته ھڪ ڏينھن حضرت موسيٰ الله تعاليٰ جي دربار ۾ جبل طور تي ٿي ويو ان کي واٽ تي ھڪ ماٺھو

سڪندريه پبليڪشنز، درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ملاقي ٿيو جنهن عرض ڪيو ته مون کي تنگدستي ۽ مسڪيني تمام گهٽي آهي ۽ بک کان مريو ٿو وڃان سو الله تعاليٰ جي دربار ۾ هن مسڪين جو حال عرض رکجانءِ ته رزق جي ڪشادگي عطا ٿئي ۽ بک جي هلاڪت کان ڇوٽڪارو لهان حضرت موسيٰ جڏهن جبل طور تي الله تعاليٰ سان هم ڪلامي ٿيو، تڏهن ان ويچاري جو عرض پيش ڪيائين جواب ۾ فرمان ٿيو ته اي موسيٰ ( ) ان شخص جي عمر ڏگهي ۽ رزق ٿورو مقدر ڪيل آهي ان ڪري ان کي روزي عمر جي ڏينهن جي اعتبار سان ڏيون ٿا حضرت موسيٰ واپسيءَ ۾ ملاقات جي وقت ان شخص کي اهو جواب ٻڌايو ان شخص عرض ڪيو ته اي موسيٰ ٻئي ڀيري جڏهن جبل طور تي وجو، تڏهن هن مسڪين طرفان دربار خداونديءَ ۾ عرض ڪجو ته جيڪا به منهنجي سڄي عمر جي روزي آهي، اها هڪ ئي ڀيري مون کي ڏني وڃي ته ٻه ٽي ڏينهن پيٽ ڀري کائوان ۽ پوءِ آخر مرٽو آهي، جيڪڏهن بک ۾ مري ويس ته ڪو به خوف نه آهي، جڏهن حضرت موسيٰ جبل طور تي ويو، تڏهن انهيءَ شخص جي گذارش الله تعاليٰ جي دربار ۾ عرض ڪيائين الله تعاليٰ ان کي قبول فرمائي ڇڏيو اهو شخص بکيي هاٿي وانگر بکيو هو تنهن سڄي روزيني کي هڪ ئي ڏينهن ۾ پچرائي، پهريائين خدا ڪارڻ مسڪينن ۽ محتاجن کي کارايائين، پوءِ پاڻ پنهنجن ٻچن ٻارن سان گڏ ڏئو ڪري کائي آئنده حياتي تان آسرو لاهي سمهي پيو.

جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو، تڏهن الله تعاليٰ پنهنجي احسان عظيم سان اوتري ئي روزي وري موڪلي ڏني ان شخص وري به ساڳي طرح ڪيو ان کانپوءِ هر روز ايترو روزينو ان کي ملندو هو ۽ هو به هر روز مسڪين ۽ محتاجن کي کارائيندو رهندو هو ۽ پاڻ به پنهنجي عيال سميت کائيندو هو جڏهن ڪجهه وقت ان نموني سان گذريو، تڏهن هڪ ڏينهن وري حضرت موسيٰ ان سان ملاقي ٿيو، ان کي آسودو ۽ خوشحال ڏسي، حيران ٿيو ۽ عجب ڪيائين پوءِ جڏهن جبل طور تي ويو، تڏهن عرض ڪيائين ته اي خداوند ڪريم! تون اسرارن کي ڄاڻندڙ آهين تو چيو هو ته هيءَ روزي ان جي سڄي عمر جي آهي ان کي کائڻ کان پوءِ مري ويندو هو ته ايجان جيئرو آهي بلڪ آسودو ۽ رزق ڪشادو اٿس الله تعاليٰ جواب ۾ فرمايو ته اي موسيٰ آئون ان جي قرض کان ڇٽي نٿو سگهان ڇو ته اهو هر روز منهنجي نالي تي کارائي ٿو ۽ آئون وري ان کي ڏيان ٿو ته اهو وري منهنجي نالي تي کارائي ٿو ۽ آئون وري ان کي ڏيان ٿو ته اهو وري منهنجي نالي ڏئي ٿو جڏهن هو منهنجي نالي تي ڏيڻ کان عاجز نٿو ٿئي ته پوءِ مان جو رب العٰلمين آهيان عطا ڪرڻ کان ڪيئن عاجز ٿيان؟ الله تعاليٰ فرمايو آهي: "مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَ مَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ ؕ " (سورة النحل: آيت ٩٦) (يعني جيڪو توهان وٽ آهي، اهو کُٽي ويندو ۽ جو ڪجهه الله وٽ آهي اهو هميشه آهي.)

نقل 6: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ۽ ٻين فقيرن پاڻ ۾ ڳالهيون ٿي ڪيون، هڪڙي فقير چيو ته مستي خان مري خلق کي ماني گهٽي ٿو کارائي جو پنهنجي شهر ۾ به مهمان خانا ٺهرايا اٿس ۽

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٻنهي ۾ فقيرن ۽ مسڪينن ۽ دنيا دارن کي ماني کارائي ٿو پي چيو ته دنيا دار جيڪو مسڪينن ۽ مسافرن کي ماني کارائن ٿا، اهو فقط ناموس ۽ نالي جي مشهوريءَ لاءِ ڪن ٿا خدا کارڻ نٿا ڪن حضرت پير سائين جن اها ڳالهه ٻڌي ارشاد فرمايو ته هي عبادت جيڪا اسان فقير ڪريون ٿا، ۽ پاڻ کي وڏا مشائخ سمجهون ٿا، انهيءَ کان انهن جي سخا، جيڪا ناموس لاءِ ڪن ٿا، پلي ۽ بهتر آهي اي عزيز! پاڻ ڪريمن جو فرمودو حديث شريف جي موافق آهي "اَلسَّخِيُّ حَبِيْبُ اللهِ وَلَوْ كَانَ فَاسِقًا وَالْبَخِيْلُ عَدُوُّاللهِ وَلَوْ كَانَ زَاهِدًا" (سخي الله جو پيارو آهي، اگرچه گنهگار هجي بخيل خدا جو دشمن آهي اگرچه عبادت ڪندڙ هجي).

نقل 7: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ ڏينهن اسلام جي لشکر، مشهور سخي حاتم طائي جي، ڪافر قوم تي حملو ڪيو ۽ آخر انهن مان هڪڙي ٽولي کي گرفتار ڪيائون جنهن ۾ حاتم طائي جي ڏيءَ به هئي، جنهن سفارش ڪئي ته يا رسول الله ﷺ مان حاتم جي ڏيءَ آهيان منهنجو پيءُ سخي ۽ مروت ڪندڙ هو حضور ﷺ جن حڪم فرمايو ته هن حاتم جي ڏيءَ کي آزاد ڪري ڇڏيو باقي بي قوم کي قتل ڪريو جڏهن مسلمان انهن کي کهڙ لاءِ تيار ٿيا تڏهن حاتم جي ڏيءَ وري فرياد ڪيو ته مون کي هن قوم کان اڳ ۾ قتل ڪيو ۽ چيائين ته:

مروت نہ بینم رھائی زبند
بہ تنھاو یارانم اندر کمند

(اڪيلي آزاد ٿيڻ ۾ مروت نٿي ڏسان، جو پيا دوست قاسي جي منهن ۾ قيد هجن).

ھمین گفت گریان بر احوال طی
بسمع رسول آمد آواز وی

(جڏهن روئي طي قبيلي وارن جو اهو احوال چيائين ٿي ته اهو آواز رسول خدا جي ڪن مبارڪ تي پيو) پوءِ جڏهن حضرت پيغمبر خدا ﷺ جن نياڻي جو گريو ۽ زاري ٻڌو، تڏهن سڄي قوم کي ان جي ڪري بخشي ۽ آزاد ڪري ڇڏيائون ۽ فرمايائون ته: "ازاصل ذی عطا هر گز خطا نباشد" (يعني بخشيندڙ کان اصل خطا هرگز نه ٿيندي).

نقل 8: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن درگاهه مبارڪ تي مسجد شريف ۾ تشريف فرما ٿيا ته اتي هڪ شخص هڪ روپيو اڇي نذرانو پيش ڪيو، پاڻ اهو سائل کي ڏيئي ڇڏيائون وري پيو شخص به روپيا نذرانو کڻي آيو، پاڻ اهي به بي سائل کي بخشي ڇڏيائون وري ٽي روپيا نذرانو آيا، اهي به هڪ ٻئي سائل جي مدد ڪندي ان کي عنايت فرمايائون ۽ ان وقت اٽي پاڻ حويلي مبارڪ ڏانهن متوجه ٿيا

تہ وات ۾ هڪ فقير چار روپيہ نذرانو آندا تہ پاڻ اهي فقيرن جي فاقي (بک) کولڻ لاءِ واحد ڏني فقير جي حوالي ڪيائون پوءِ پاڻ ڪريمن فرمايو تہ اسان نبي ڪريم ﷺ جن جي تابعداري جي خيال سان سائل کي پي ڏناسون، تہ الله تعاليٰ فقيرن جي لاءِ بہ عطا فرمائي ڇڏيا.

نقل 9: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن مير چام تالپر جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، اهي ڏينهن ڏڪر جا هئا ۽ موسم اونهاري جي هئي مير چام تالپر ڪجھ اناج خيرات طور مسڪينن کي هر روز ڏيندو هو ۽ مير جا مقرر ماڻهو جيڪي خيرات ڏيندا هئا، اهي اتي سيئي صحبت ۽ زيارت لاءِ پير سائين جن جي حضور ۾ آيا، جڏهن تہ مسڪين ۽ پينو خيرات لاءِ جيئن روزيدار الله اڪبر جي آواز کي ڪن ڏيئي انتظار ڪندو آهي ائين انتظار ۾ بينا هئا پاڻ سڳورا وڃڻ وقت اتان لنگهيا ۽ نظر مبارڪ انهن پينن ۽ مسڪينن مٿان پين ان وقت پنهنجي گهوڙي جي واڳ جهلي ٻانهي کي فرمايائون تہ جيڪڏهن شاهوڪار مسڪينن ۽ غريبن کي خيرات ڏيڻ ڪري، فقيرن کان گوءِ ڪٽي ويا تہ ڪهڙو عجب آهي ۽ ائين فرمائي روانا ٿي ويا:

سخاوت مس عيب را كيميا است
سخاوت همہ درد ها را دوا است

(سخاوت عيبن جي تامي لاءِ ڪيميا آهي، سخاوت سيني دردن جي دوا آهي)

نقل 10: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ شخص نئون ڪتو بادشاه جي حضور ۾ حاضر ڪيو، بادشاه ان کي شڪار تي وڃي ويو ڪتي شڪار جهلي ورتو جنهن ڪري بادشاه کي پسند اچي ويو پوءِ بادشاه ريشمي جهل ان کي پارائي ڇڏي، ٻي ڀيري جڏهن بادشاه ڪتي کي شڪار تي نيو، تہ هي جهل جي سونهن ۾ مشغول ٿي ويو ۽ شڪار کي نہ ورتائين حاضرين مان هڪ بادشاه کي خبر ٻڌائي تہ هي ڪتو پنهنجي سينگار جي ڪري فخر ۾ اچي ويو آهي، ۽ پيٽ ڀريل هجڻ ڪري بادشاه جي حڪم ۾ يعني شڪار ونڊ ڏانهن لاڙو نہ ٿو ڪري هاڻي گهرجي تہ ان کي روزمره جو کاڌو گهٽ ڪجيس ۽ ريشمي جهل بہ لاهي ونجيس بادشاه فرمايو تہ بادشاه پنهنجي بخشش کنهن کان بہ واپس نہ ونندا آهن:

ابر جوديم بر نشيب و فراز
بہ داده مابما نگرد دباز

(اسان سخا جا ڪکر آهيون جتي ڪٽي وسون ٿا، اسان جو ڏنل اسان وٽ نہ موٽندو آهي)

نقل 11: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ٻانهي کان مشوري طور پڇيو تہ اسان وٽ هڪ ٻيڙي آهي ۽ ملاحن سان معاملو تمام خطرناڪ آهي، اسان فقيرن کي اسبابن سان ڪهڙو ڪم هاڻي اسان جو

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

خيال آهي تہ بغير عيوض کنهن کي ڏيئي ڇڏيون، ۽ ڏيڻ جون جايون هک ٻڌو ٽالپر ۽ ٻيو نظاماڻي فقير، ٽنڊي بهادر فقير نظاماڻي جا رهندڙ آهن، جنهن سان پنهنجي مصلحت هجي ان کي ڏيئي ڇڏيو ٻانهي عرض کيو تہ حضرتا! جيڪا اوهان کريمن جي مبارک مرضي پر ٻڌو ٽالپر دنيا دار آهي، ان کي بغير عيوض ونڊ ڏکي لڳندي ۽ نظاماڻي فقير غريب تکليف وارا آهن پوءِ احمد خان نظاماڻي کي گهرائي فرمايائون تہ توکي هک ٻيڙي ڏيان، پر ان جو عيوضو وغيره نہ کندين جواب ۾ عرض کيائين تہ حضرتا! اسان ٻارن ٻچن سميت درگاه مبارک جا غلام آهيون غلامن کي سردارن سان عيوضي جي کهڙي طاقت جيکي حکم فرمائيندا اسان انهيءَ جا تابعدار آهيون پوءِ اها ٻيڙي جنهن ۾ ٻائيتاليه خرار (ساڌا ڏهه سؤ مڻ) گهٽ وڌ ان جا ٻيا ٿي، بغير عيوض ان فقير کي عنايت فرمايائون.

نقل 12: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ جنهن جو کنهن تي قرض هجي ۽ هو حجاب کري قرضيءِ کان نہ گهري، تہ ان کي الله تعاليٰ هر روز ان قرض جيترو اجر عطا فرمائيندو، تنهن کري ان کي گهرجي تہ قرضدار کان قرض گهرڻ ۾ نرمي کري هن حقيقت تي هک حديث شريف بيان فرمايائون تہ: قيامت جي ڏهاڙي کنهن شخص جو حساب ٿيندو ۽ چگّا کم ان جا ظاهر نہ ٿيندا، پوءِ عذاب جو حقدار ٿي پوندو مگر ان ۾ هک عادت هئي تہ پنهنجي قرضدار کان حياءَ جي کري قرض نہ گهرندو هو پوءِ الله تعاليٰ جي دربار مان حکم ايندو تہ هي شخص دنيا ۾ حيادار هو ۽ هي الله تعاليٰ جي حياءَ جو وقت آهي، تنهن کري ان شخص کي ڇوٽڪارو ڏيو.

نقل 13: خليفو ميان لقمان، ميان قابل شاه کان نقل کري ٿو تہ هک پيري درگاه مبارک تي ست ڏينهن لاڳيتا بک (جيکا عاشقن جي خوراک آهي) اچي ويئي انين ڏينهن فقير نهال ٽالپر (جيکو پير سائين جن جو مريد هو) ساڌا ٽي هزار روپيه پير سائين جن جي گهوڙن جي قيمت (جيکا انهيءَ وٽ رکيل هئي) کڻي اچي حاضر کيائين پاڻ کريمن ان وقت ئي پنج سؤ روپيه قرضين کي ڏنا، باقي ٽي هزار روپيه مسڪينن ۽ محتاجن درگاه شريف جي رهندڙن ۾ ورهائي ڇڏيائون پئسا تقسيم ٿيڻ کان پوءِ هک مائي مريدياڻي اندران آئي ۽ عرض کيائين تہ حضرتا! ننڍڙا ٻار سگهورا بک جي تکليف سهي نٿا سگهن جيکڏهن هک پائلي عنايت ٿئي تہ کهڙو نہ چگّو پاڻ کريمن مرکي فرمايائون تہ اي امان! جيکڏهن هن کان اڳ اچين ها تہ هک پائلي جي بجاءِ پنج پائليون ڏيون ها هن وقت تہ سڀ ورهائي ڇڏيوسون ۽ کابہ شيءِ موجود نہ آهي اي عزيز! هي بيت سندن تصنيف کيل هتي موافق آهي:

مال و جان تو برو يکجا بباز
راه نزديک است چرا کردی دراز

(مال ۽ جان ان مٽان هک جاءِ تي قربان کر، ويجهڙي واٽ کي ڇا لاءِ پري کيو اٿئي)

سکندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

پي ڪنهن چوندڙ ڪهڙو نه سنو چيو آهي:

هر چه داری صرف کن در راه هو
لن تنالوا البر حتی تنفقوا

(جيڪي هجئي ان جي واٽ ۾ خرچ ڪر، اهي نيڪيءَ کي هرگز نه پهچندا جيستائين خرچ نه ڪندا) ۽ پڻ ڪنهن چوندڙ چيو ته:

قرار درکف آزادگان نگیرد مال
نه صبر در دل عاشق نه آب در غربال

(سخين جي هٿ ۾ مال قرار نه ونندو، جيئن صبر عاشق جي دل ۾ نه رهندو ۽ پاڻي پروڙ ۾)

نقل 14: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته سخاوت اها آهي جيڪا بي گهري ڪجي ۽ جيڪا گهرڙ کان پوءِ ڪجي ٿي، اها سخا نه آهي! اي عزيز! هن ۾ هڪ نڪتو آهي، جيڪو عارفن کي معلوم آهي، يعني هي صفت خاص الله تعاليٰ جي آهي، جو سڄي جهان کي، جهان وارن جي گهر کان سواءِ، نه هجڻ مان موجود ڪيائين حياتي ۽ رزق جا سبب ۽ ٻيون صفتون جهان وارن لاءِ تيار فرمايائين ۽ انهن کي حفظ ۾ رکيائين جنهن ۾ ڪابه خرابي نٿي پوي ۽ هر ٻانهي کي ان مان پورو حصو ۽ فائدو آهي الله تعاليٰ مخلوق جو خالق ۽ مالڪ آهي ۽ هر ٻانهي کي مالڪ جي ملڪيت ۾ سندس مهرباني سان تصوف جو حق آهي پوءِ پاڻ ڪريمن هتي هي بيت ارشاد فرمايو:

منم آن بندو مرد تمامی
کند با خواجگی کار غلامی

(آئون انهيءَ ڪامل مرد جو غلام آهيان جيڪو سردار هوندي غلام وارو ڪم ڪري ٿو)

نقل 15: خليفو لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! مهمانن ۽ سائلن لاءِ (اسان کي قرض کڻڻو پوي ٿو، اهو) قرض کڻڻ کيئن آهي؟ جواب ۾ فرمايائون ته ڇا توهان به قرض کڻندا آهيو؟ عرض ڪيم ته حضرتا! خوامخواه ضرورت پوي ٿي پاڻ فرمايائون ته هي مسئلو سوال جواب جي ضرورت نٿو رکي، بعد ۾ حديث شريف مان بيان فرمايائون ته: هڪ ڏينهن حضور ﷺ جن وٽ هڪ سوالي آيو، پاڻ ان کي فرمايائون ته هن وقت ڪجهه به نه آهي، سوالي وري عرض ڪيو ته حضرتا! مان مسڪين عيال دار آهيان، عيال کي بکيو ڇڏي حضور ۾ آيو آهيان ۽ انهن کي توهان جي دلاسو ڏيئي آيو آهيان ته حضور ﷺ جن کان ڪا شيءِ ونڻي توهان جي بک کي اڇي دفع ڪريان ٿو پوءِ حضور ﷺ جن ان کي فرمايو ته وڃ ۽ وڃي قرض کڻ ان جو ادا ڪرڻ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اسان جي ذمي آهي حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ عرض ڪيو تہ حضرتا! سوالين کي ڏيڻ لاءِ قرض ڪڍڻ جي ضرورت توهان تي ڪانہ آهي. اها ڳالهہ حضور صلی اللہ علیہ وسلم جن کي ڏکي لڳي ايتري ۾ حضرت ابوبکر صديق رضی اللہ عنہ فرمايو تہ، اي عمر! الله تعاليٰ جا خزانا پريا پيا آهن، تون حضرت صلی اللہ علیہ وسلم جن کي ڇا لاءِ منع ڪرين ٿو؟ اها ڳالهہ حضور صلی اللہ علیہ وسلم جن کي ڏاڍي پسند آئي ۽ پاڻ مرڪيا. پوءِ پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن جي دل وڏي آهي تہ اهو قرض ڪڍڻ وقت ادا ڪرڻ لاءِ وسوسو نہ ٿو ڪري ۽ ان کي ڪوبہ فڪر نہ آهي ۽ جيڪو پهريائين قرض ڪٽي ان کان پوءِ پين ۾ طمع رکي ۽ دل ۾ وسوسا ڪري ان کي قرض ڪڍڻ جائز نہ آهي.

نقل 16: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو تہ هڪ دفعي چور ڪنهن ولي سڳوري جي گهر ۾ ڪاٺ هٽي ڪري گهڙي آيو ۽ ڏاڍي ڳولا ڪيائين، پر ڪجهہ بہ هٿ نہ آيس، ان گهر واري کي جڏهن خبر پئي تہ چور نا اميد ٿيو آهي، تڏهن جنهن رَليءَ تي پاڻ ستل هو ۽ سندس ملڪ هئي بہ اها هڪڙي رلي، سا ڪٽي وڃي ڪاٺ واري جاءِ تي ڇڏيائين، پوءِ چور اها رلي ڪٽي هليو ويو ۽ پاڻ هي بيت ارشاد فرمايائون تہ:

شنيدم کہ مردان راہ خدا
دل دشمنان ہم نہ کردند تنگ

(مون ٻڌو آ تہ خدا وارا مرد، دشمن جي بہ دل نہ ڏکوئيندا آهن)

نقل 17: عبدالله فقير ابڙو نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن دائود فقير مجذوب، سيد پور جي رهندڙ سفر ۾ حضرت پير سائين جن کان ڪپڙي جو سوال ڪيو؟ پير سائين جن پنهنجي ڍڪ جو ڪپڙو ان کي عنايت فرمايو، ۽ ان کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ مجذوب فقير کي ڪپڙي جي ضرورت نہ هئي پر امتحان ٿي ورتائين.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل پنجون
سنڌن اخلاقن جي تعليم

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ اڳيان بزرگ مريدن کي پهريان تهذيب ۽ اخلاق سيکارڻ ۾ گهڻي کوشش کندا هئا ۽تجريد (کنڊ ۾ ويهڻ) ۽ تفريد (اڪيلائي) توکل، ترک تسليم وغيره ۾ رهي ڪري، طالب پنهنجي عمر جا تقريبن ويهه پنجويهه سال تهذيب ۽ اخلاق سڌارڻ ۾ خرچ کندا هئا ان کان پوءِ کين بزرگ توحيد متعلق حڪم فرمائيندا هئا. ايتري قدر جو توحيد عيني انهن جي اڳيان جلدي کلي پوندي هئي، پوءِ کي طالب تهذيب ۽ اخلاقن جي تعليم ۾ فوت ٿي ويندا هئا تہ کي مقصد کي پهچي ويندا هئا ۽ پوين بزرگن وري ٻيو قسم هٿ ۾ آندو آهي، جو مريد کي پهريان توحيد ۽ وحدت جي درياه ۾ ٽٻي هٽائن ٿا، پوءِ انهيءَ وچ ۾ سيئي اخلاق خودبخود درست ٿي وڃن ٿا ليڪن آخري عمر ۾ پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ پهرين بزرگن جو توحيد کان اڳ ۾ اخلاقن جو سيکارڻ حق هو ۽ اهو طريقو چگو هو ڇو تہ سالڪ کي توحيد ۾ بغير تهذيب جي هميشہ رهڻ مشڪل آهي.

نقل 2: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن علي پور ۾ (اها ديهہ چاچڪن جي پرسان آهي) اتي گهوني واهہ جي ڪناري تي تشريف آندائون. سعد الله فقير جيڪو مخدوم ابراهيم نٽوي رحمۃ اللہ علیہ جو مريد هو، ان حضور ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! حرف ميم ۽ لام جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ ميم ۽ لام جون معنائون گهڻيون آهن، تنهنجو مقصد الائي ڪهڙو آهي؟ هن ڇيو تہ ان مان لفظ ملا مراد آهي پير سائين جن فرمايو تہ لفظ کي وڻڻ نہ گهرجي بلڪ اخلاقن کي وڻڻ گهرجي جيڪڏهن اخلاق ۽ عادتون سنيون آهن تہ ملا هجي يا ٻيو هجي سنو آهي پر جي اخلاق سڻا نہ اٽس تہ ملا هجي يا ٻيو ڪو، خوار ۽ ذليل آهي ۽ مثال بيان فرمايائون تہ شاعر جڏهن ڪانءَ کي قاصد بنائيندا آهن، تڏهن سنو آهي ۽ جڏهن ڪانءُ ڏونڊ جو طالب ٿيندو آهي تہ پوءِ ان کي ٻچڙو سڏيندا آهن.

نقل 3: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ طالب اهو آهي، جنهن جو عادتون الله پاڪ جي عادتن جي موافق هجن جيئن "تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللهِ" (يعني الله پاڪ جن عادتون پاڻ ۾ پيدا ڪيو) جو حڪم آهي ۽ اها دولت هر ڪنهن کي نصيب نہ ٿي ٿي سگهي پر ولي الله کي جنهن لاءِ قَلْبُ الْمُؤْمِنِ حَرَمُ اللهِ ، يعني مؤمن جي دل الله جو حرم آهي جو اعزاز آهي سو الله تعاليٰ جي حرم (دل) ۾ غير کي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اچڻ نہ ڏيندو آهي ۽ ها انهن الله وارن جي دل ۾ ظاهر باطن جي پليتين کان پاڪ شخص ئي داخل ٿي سگهندو آهي هي نڪتا ڪن جا ٻڌل نہ آهن، بلڪ جوش محبت جو نتيجو آهن.

نقل 4: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ بزرگ حاتم کي اصم (ٻوڙو) رحمۃ اللہ علیہ هن ڪري چوندا هئا، جو هڪ عورت ان جي دڪان تي ڪا شيءِ ونڻ آئي ۽ ڏيڻ ونڻ وقت ان کان اوچتو پيٽ جو واءُ ٽڪاءَ سان نڪري پيو، جنهن ڪري ڏاڍي شرمندي ٿي. حاتم سمجهيو تہ مائي واءُ کان شرمندي ٿي آهي، سو يڪدم ٻي ڳالهہ ۾ مشغول ٿي ويو ۽ چيائين تہ آئون ٻوڙو آهيان وڏي سڏ ڳالهاءِ، عورت ڏاڍيان ڳالهايو، حاتم چيو تہ اجان ڏاڍيان ڳالهہ ڪر آئون تنهنجي ڳالهہ نٿو ٻڌان عورت ان وقت خوش ٿي، سمجهيائين تہ منهنجي پيٽ واري هوا جو آواز هن نہ ٻڌو آهي ان کان پوءِ جيستائين اها عورت زندهہ هئي، حاتم پاڻ کي ٻوڙو سڏايو الله تعاليٰ عيب ڍڪڻ جي ڪري کيس غيبي دولت سان نوازيو ۽ حاتم جو اصم لقب ان ڪري جهان ۾ مشهور آهي.

نقل 5: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ اسان جي خوشين ۾ وڏي ۽ بهترين خوشي نبي پاڪ صلی اللہ علیہ وسلم جن جي ڄمڻ جو عرس مبارڪ ڪرڻ آهي پير سائين جن جي هيءَ عادت مبارڪ هئي، جو عرس مبارڪ جي خوشي جڏهن فرمائيندا هئا، تڏهن فقيرن جي جماعت کي حويلي مبارڪ ۾ دعوت ڪري ونڊي طعام کارائيندا هئا ۽ فقيرن جا هٿ پنهنجن هٿن مبارڪن سان ڌوئارينداهئا ۽ هر هڪ کي مرحبا ۽ خوش آمديد چوندا هئا، ۽ گلاب جي پاڻي جي ڇنڊا هر هڪ کي هٿندا هئا ۽ بي انتها خوش ۽ باغ بهار ٿيندا هئا، طعام کائڻ کان پوءِ پنهنجن هٿن مبارڪن سان فقيرن کي هٿ ڌوئاري، انهيءَ خوشي ۽ بهاري سان نياز مندي ڪري اجازت ڏيندا هئا ۽ اهائي مرحبا ۽ خوش آمديد چوندا رهندا هئا، ايستائين جو فارغ ٿيندا هئا ۽ قسمين قسمين طعام ۽ شادين کان بہ وڌيڪ سٺو ۽ سهڻو طعام تيار ڪرائيندا هئا.

نقل 6: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ صحيح بخاري شريف جي مصنف رضی اللہ عنہ ٻڌو تہ فلاڻي ماڻهوءَ وٽ نبي پاڪ صاحب لولاک صلی اللہ علیہ وسلم جن جي هڪ حديث آهي، پوءِ پنهنجي شهر مان روانو ٿي مفاصلو طئي ڪري اچي ان شهر ۾ پهتو، ۽ اتي پڇا ڪيائين تہ اهو بزرگ شخص ڪٿي آهي جنهن کي هڪ حديث نبي پاڪ صلی اللہ علیہ وسلم جن جي ياد آهي؟ ان کي ٻڌايائون تہ ان جو گهوڙو ڇٽي ويو آهي، ان کي ونڻ ويو آهي بخاري شريف جو مصنف ان جي پويان ويو ۽ ڏٺائين تہ خالي توبري سان ڏوکو ڏيئي گهوڙو ونڊي پيو پوءِ ان وقت ئي واپس پنهنجي شهر ڏانهن موٽيو ۽ حديث جي ان کان پڇا نہ ڪيائين ۽ چيائين تہ جيڪو ماڻهو خالي توبري سان گهوڙي کي ڏوکو ڏيئي ونڊي ٿو. ان جي روايت کيل حديث پنهنجي ڪتاب ۾ داخل نہ ڪندس.

نقل 7: حضرت پير سائين جن حديث شريف مان نقل ارشاد فرمايائون تہ حضرت رسول خدا صلی اللہ علیہ وسلم

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فرمايو تہ جنهن زماني ۾ عالم عمل وارو ۽ فقير صبر وارو ۽ شاهوڪار سخاوت وارو ۽ بادشاھ انصاف وارو هجي، ان زماني ۾ زمين جي پٺي پلي آهي جيڪڏهن ان جي ابتڙ عالم بيعمل ۽ فقير بي صبر ۽ شاهوڪار بخيل ۽ بادشاھ ظالم هجي تہ ان وقت زمين جو پيٽ پلو آهي.

نقل 8: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ بزرگ پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ پاڻيءَ جو ڪونرو ڪٽي هڪ باغ ۾ ويو. اوچتو هڪ جنياڻي عورت بيحد سهڻي ان جي پويان لڳي پئي. بزرگ کيس ڏسڻ شرط الله تعاليٰ جي خوف کان باغ جي ديوار تان ٽپي باهر هليو ويو جڏهن اهو بزرگ پڌڙو ٿيو، ان وقت ان جي دل ۾ خيال آيو تہ ڪهڙو نہ سنو ٿئي ها جيڪڏهن ان عورت سان همبستري ڪريان ها ان کان پوءِ الله تعاليٰ جي مدد سان دربار خداوندي ۾ مناجات ڪري عرض ڪيائين تہ يا الاهي جواني جي ڏينهن ۾ پنهنجيءَ مهرباني سان هنن ڪمن کان امن ۾ رکيو هيئي هاڻي جو پيري ۽ ضعيفي ٿي ويئي آهي، تڏهن جواني جي گذريل ڏينهن جا برا خيال ڇا لاءِ آيا آهن. ان کي اوچتو غيبي الهام پهتو تہ اي درويش! تون هن وقت ساڳيو نيڪ بخت ۽ پاڪ دامن آهين، پر هي جيڪو برو خيال توکي دل ۾ آيو آهي اهو ڪنهن ٻئي جي اثر جي ڪري آهي.

نقل 9: الهداد فقير نظاماڻي (ٽنڊي قيصر جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ مومن جي نرم دل ميڻ وانگر ٿيندي آهي، جيڪڏهن هڪ ڏينهن ۾ سو دفعا جنهن طرف بہ ڦيرائيندين تہ مڙندي پئي ۽ ڪافر جي سخت دل پٿر کان بہ سخت آهي، پٿر کي جيڪڏهن سؤ سال پاڻيءَ ۾ رکندين تڏهن بہ ساڳي حال ۾ رهندو، هڪ ذرو بہ نرم نہ ٿيندو.

نقل 10: غلام فقير ابڙو جيهيجي جو رهندڙ، نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي خدمت اقدس ۾ پيرن چمڻ جو شرف حاصل ڪيم ۽ مون بي انتها محبت ۽ بيخبريءَ ۾ پنهنجو مٿو پير سائين جن جي قدمن مبارڪن تي رکيم پاڻ پنهنجن هٿن مبارڪن سان منهنجو مٿو پيرن کان مٿي کٽي فرمايائون تہ ڪافرن وارو طريقو نہ ڪرڻ گهرجي ۽ ڪاوڙ کان هٿ بہ نہ ڏنائون، ان ڪري غمگين ٿي پيس. ٻيڦهريءَ جي وقت مثنوي شريف پڙهندي بيان فرمايائون تہ مريد کي پنهنجي مرشد جي طرف سجدو ڪرڻ جائز آهي جيئن ڪعبي ڏانهن ڪجي ٿو پر سنڌي زبان ۾ فرمايائون تہ:

لوجهہ لجهہ جي، ڪلوجهہ نہ لجهہ جي!

هنن سنڌي لفظن تي نقل بيان فرمايائون تہ هڪ هندو عورت هڪ مسلمان عورت سان جهڳڙو ڪرڻ لڳي ۽ مسلمان عورت گهٽو ۽ ڏاڍيان ڳالهائيو ٿي ۽ هندو عورت ان سان آهستي سوال جواب ڪيا پئي جو تہ ان هنڌياڻي عورت، مسلمان عورت وٽ ڏڪيءَ جو گوشت کاڌو هو ۽ مشهوريءَ کان ڊني ٿي، پوءِ مسلمان عورت ان جي اڳيان اچي چيو تہ مون سان ڳالهائڻ ۾ برابر هج ۽ آهستي ۽ سست نہ ٿيءُ ۽ مسلمان عورت هن کي چيو تہ لوجهہ لوجهنديس، ڪلوجهہ نہ لوجهنديس! يعني جيڪو سنو هوندو، اهو

چونديس ۾ جيڪو خراب هوندو، سو نہ چونديس پوءِ پاڻ فرمايائون تہ دل سا سجدو حقيقت جي ڪعبي کي جيڪو مرشد آهي، ڪرڻ گهرجي پر ظاهر ۾ ائين ڪرڻ نہ گهرجي.

نقل 11: خليفو ميان غازي خان تالپر نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت ميان صاحب جن اسان کي ۽ بي هڪ ڪلهوڙي فقير کي فرمايو تہ پوک واري زمين ۾ ڪل جو گاھ ٿي ويو آهي ان کي لٽي اچو تہ زمين کي ڪيڙايون؟ پوءِ مان ۽ ڪلهوڙو فقير گڏجي ڪل لٽڻ وياسون، اسان پهريائين بسم‌الله الرحمٰن الرحيم پڙهي لاباري جي ڪم ۾ مشغول ٿياسون، ان تي ڪلهوڙي فقير چيو تہ بسم‌الله الرحمٰن الرحيم ڇا لاءِ پڙهئي؟ هاڻي گاھ گهٽو ٿي پوندو پوءِ پير سائين جن فرمايو تہ بسم‌الله الرحمٰن الرحيم جي ڪري سڄو گاھ جلدي لبي ويو، باقي ڪجهہ بہ نہ بچيو.

نقل 12: طيب فقير راهو نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن جي مريدن مان هڪڙو فقير پاڻ ڪريمن وٽ سبق پڙهندو هو ٿوري وقت کان پوءِ درگاھ مبارڪ تان هليو ويو ۽ وڃي پوک جي ڪم ۾ مشغول ٿيو، گهڻي مدت کان پوءِ اچي پير سائين جن جي زيارت کان مشرف ٿيو پاڻ ڪريمن ان کان پڇيو تہ هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ عرض ڪيائين تہ حضرتا! پوک ڪرڻ ۾ مشغول هيس، پوءِ پير سائين جن ان کي نصيحت طور فرمايو تہ بہ ڪم نہ ڪجانءِ هڪ تہ حرصي ماڻهو کي پوک ۾ شريڪ نہ ڪجانءِ ۽ ٻيو تہ حاسد جي پوک جي پرسان پوک نہ ڪجانءِ. اي عزيز! جيڪو هن بن مقولن تي عمل ڪندو، اهو جسماني ضرورتن ۽ نفسياتي شيطاني سازشن کان بہ ڇوٽڪارو لهندو ڇو تہ هي حقيقت الله تعاليٰ کانسواءِ جنهن جي دل خالي ۽ صاف هوندي ان کي نصيب ٿيندي جيئن بزرگ فرمايو آهي:

دل بدست آر هر چه خواهی کن
حق نگهدار کج کلاهی کن

(دل راضي ڪر پوءِ جيڪي وٽئي و ڪر، حق کي نگهہ رک پوءِ ڪٽي ڏنگي ٽوپي پاءِ)

نقل 13: خليفو ميان لقمان نقل ڪريو ٿو تہ هڪ دفعي درگاھ مبارڪ تي حاضر هيس، ايتري ۾ هڪ هندو حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ فرياد ڪيائين تہ حضرتا! پنج ڇهہ ڏينهن ٿيندا، جو ملا واحد ڏنو مون کان هڪ روپيہ جو اَن ونڻي ويو هو ۽ جيڪو روپيو هن مون کي ڏنو هو، اهو روپيو ڪوڙو ۽ ڪوٽو آهي هاڻي مٽائي نٿو ڏي ۽ چوي ٿو تہ مون توکي سچو ۽ هلندڙ روپيو ڏنو هو پير سائين جن فقير واحد ڏني کي گهرائي فرمايائون تہ هن مهتي کي هڪ روپيو مٽائي ڏي فقير چيو تہ حضرتا! هي هندو ڪوڙو آهي ۽ مون هن کي هڪ روپيو صرافن کي ڏيکاري پوءِ ڏنو هو هاڻي خوامخواه هي گوڙ ڪيو اٿس هندو عاجزي ۽ نياز سان چيو تہ حضرتا! آئون ڪوڙ نٿو چوان پير سائين جن غصي ۾ ان کي فرمايو تہ توکي الله سائين ڪوڙ کان رکي، تون برابر سچ ٿو چوين پوءِ پاڻ واحد ڏني فقير کي ڪاوڙجي فرمايائون تہ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

توهان جي عجيب سمجھ آهي جو هڪ روپيہ لاءِ معاملو ڪٽي اٽاريو اٿو. هاڻي جلدي وچ ۾ هن کي جلدي روپيو ڏي ۽ پوءِ هندوءَ کي گھٽي دلداري ڏنائون.

نقل 14: طيب فقير نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي آخوند ﷺ (هالا ڪنڊي جو رهندڙ) حيدرآباد جي حاڪمن جي ڪم سان مير سهراب ٽالپر وٽ خيرپور ۾ آيو هو ۽ اتان درگاھ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر ٿيو پاڻ ڪريمن انهيءَ کان تمام گھڻا احوال پڇيا مهمانن جي خدمتگار فقير کي فرمايائون تہ آخوند لاءِ ماني پاڻيءَ جو بندوبست ڪر آخوند عرض ڪيو تہ حضرتا! ٻانهو خاڪي ڪهڙي لياقت وارو آهي، جو هيتري تڪليف فرمايوٿا؟ جواب ۾ فرمايائون تہ اسان وٽ تڪلّف ۽ تڪليف نہ آهي،جيڪي آهي سو بنا تڪليف الله تعاليٰ ڏنو آهي وري آخوند صاحب عرض ڪيو تہ حضرتا! هن وقت فقير ٿورا نظر اچن ٿا ڇا جي ڪري؟ پاڻ فرمايائون تہ اسان وٽ الله تعاليٰ جو هميشہ فضل آهي فقير گھٽائي آهن پر هاڻ هڪ ماڻهوءِ جي دعوت تي ويا آهن جنهن جي ٻيڙي اڃ اهي درياه ۾ وجهندا.

نقل 15: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ اصحابي سڳوري ڪنهن يهوديءَ کان عجيب نڪتو ٻڌو، پوءِ انهيءَ ان وقت ئي ان نڪتي کي لکي ورتو، يهودي ڏسي فخر ڪرڻ لڳو ۽ پاڻ کي ڪجھ سمجھڻ لڳو، پوءِ ان کي صحابي سڳوري فرمايو تہ جيڪڏهن ڪتي جي وات ۾ موتي پيو هجي ۽ جوهري کي ان جي قيمت جي خبر نہ آهي تہ جوهري جي مٿان لازم آهي تہ موتي کي ڪتي جي وات مان ڪڍي پنهنجي هٿ ۾ آڻي ڇو تہ "اَلْحِكْمَةُ ضَالَّةُ الْمُؤْمِنِ" (حڪمت مؤمن جي وڃايل شيءِ آهي) ارشاد فرمايل آهي.

نقل 16: خليفو اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن ديهہ موندرلاکا ۾ حضرت پير سائين جن جي اڳيان حاضر هيس پاڻ شام جي نماز جو فرض جماعت کي ادا ڪرائي رهيا هئا، جڏهن ٽين رڪعت تي پهتا، تڏهن قاضي محمد عاقل (کهڙن جي شهر جو رهندڙ) بہ ان مسجد ۾ آيو ۽ پير سائين جن جي پٺيان نماز پڙهڻ کان منهن ڦيرائي، جدا پنهنجي نماز ۾ مشغول ٿيو ۽ پير سائين جن فرض کان پوءِ سنتن ۽ نفلن ۾ مشغول ٿي ويا. قاضي صاحب ملاقات ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي اوطاق تي هليو ويو. پاڻ ڪريم جڏهن نماز کان فارغ ٿيا، تڏهن پنهنجن عظيم اخلاقن ڪري جيڪا سندن عادت مبارڪ "تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللّٰهِ" هئي، قاضيءَ جي اوطاق تي، ان سان ملڻ لاءِ آيا ۽ ان سان ملاقات فرمايائون ۽ گھڻو وقت صحبت ۽ ويهڻ فرمايائون ايتري قدر جو هن پاڻ اٿي اجازت ڏني پوءِ پاڻ جڏهن پنهنجي جاءِ تي تشريف آندائون تڏهن پير سائين جن جي تمام گھڻي ڪسر نفسي کان فقيرن دل جي جوش مان عرض ڪيو تہ حضرتا! قاضي جي منهن ڦيرائڻ باوجود ايتري رضامندي ڇا لاءِ فرمايو؟ جواب ۾ فرمايائون تہ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هر هڪ سان چڱائي ڪرڻ گهرجي:

بدی را بدی سهل باشد جزا
اگر مردی احسن الی من عصیٰ

(برائي جي بيڄڻ جزا ڏيڻ آسان آهي جيڪڏهن مرد آهين تہ بري سان چڱائي ڪر)

کسا نیکہ معنے پئے بردہ اند
بدی دیدہ نیکوئی کردہ اند

(جيڪي حقيقت جي ڄاڻ پنڌيان ويل آهن، بيڄڻائي ڏسيو به اهي چڱائي ڪن ٿا)

نقل 17: هڪ ڏينهن فقيرن مان ڪنهن فقير حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ ڳالهيون ڪندي وچ ۾ مخدوم محمد هاشم جن جو نالو فقط هاشم ڪري ورتو پاڻ اهو ٻڌي جوش ۾ اچي فرمايائون تہ جيڪو پنهنجي ديني پيءُ جو تعظيم سان نالو نہ وٺندو، اهو الله تعاليٰ کان عزت جي کهڙي اميد رکندو؟ وري پاڻ زبان مبارڪ سان فرمايائون تہ مخدوم محمد هاشم چوڻ گهرجي.

نقل 18: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ اکيلو طعام نہ کائڻ گهرجي بلڪ گهٽن سان گڏجي کائڻ گهرجي حديث شريف ۾ آيل آهي تہ: الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ جيڪڏهن ٻہ ماڻهو گڏجي کائيندا تہ ٽيون انهن سان قدرت جو هٿ گڏ هوندو جيڪڏهن ٽي گڏجي کائيندا تہ چوٿون انهن سان قدرت جو هٿ هوندو:

حیف بآن خوردہ کہ تنہا خوری
خوردہ ہمان بہ کہ با تن ہا خوری

(اکيلي کاڌي کائڻ تي گهڻو افسوس آهي، کاڌو اهو پلو جيڪو گهٽن سان گڏ کائجي)

نقل 19: هڪ دفعي ٻانهي (جامع ملفوظات) سنڌ جي حاڪمن لاءِ حضرت پير سائين جن جي خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! اهي بي دين ۽ ظالم آهن انهن کي ڪيڏ گهرجي پاڻ ڪريمن فرمايو تہ پائخاني جي صفائي لاءِ ضرور ڪو شڪاري ڪپي جيڪڏهن اهي ويندا تہ وري ٻيا ايندا، جيڪي غير واقف هوندا انهن کان واقف ٻلا آهن.

نقل 20: حضرت بنگلي ڏڻي رحمۃ اللہ علیہ حضرت تجر ڏڻي رحمۃ اللہ علیہ کان حضرت ميان صاحب جن جي شان ۾ نقل بيان فرمايو تہ حضرت ميان صاحب جن جي عادت مبارڪ هئي تہ پاڻ سفر ۾ پنڌ هلندا هئا، هڪ دفعي ڪنهن هاريءَ جي پوک کان لنگهيا، ان وقت هاري پوک مان پکي پي اڏايا، ۽ سڏ ڪري چيائين

سكندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

تہ اي ويندڙ! تون بہ آواز ڪندو پڪي هڪليندو وچ حضرت ميان صاحب جن فڪر ڪري خيال ڪيو تہ پڪين هڪلڻ ۾ خوامخواهہ بيهودو آواز ٿيندو ان ڪري ان وقت "وَالشَّمْسِ وَ ضُحٰهَا" سورت ڏاڍيان پڙهيائون تہ ايتري ۾ سپ پڪي پوک مان اڏامي هليا ويا.

نقل 21: هڪ دفعي قاضي محمد عاقل ڪهڙن جو رهندڙ درگاهہ شريف ڪان اوپر پاسي، رحيم ڏني ڪلهوڙي وٽ اچي مهمان ٿيو حضرت پير سائين جن قاضي صاحب جو ٻڌي حال احوال پڇڻ ۽ مرحبا چوڻ لاءِ باوجود گهٽي مفاصلي جي ان ڏانهن ويا. اگرچہ فقيرن ڪي اها ڳالهہ نہ ٿي وڻي پر پاڻ ڪريمن جي ادب ڪان مات هئا، پوءِ پاڻ قاضي وٽ وڃي حال احوال ورتائون ۽ ڪجهہ وقت ويهي واپس آيا، قاضي ائين موڪلايو جو ان بستري تان هڪ پير بہ ٻاهر نہ ڪنيو. پير سائين جن فرمايو تہ اسان وري اچي رخصت ڪنداسون ليڪن قاضي وڃڻ وقت بغير اطلاع ڪرڻ جي روانو ٿي ويو خبر پوڻ تي پير سائين جن ارشاد فرمايو فقيرن مان ڪو ڏڪي وڃي قاضي کي اطلاع ڏيئي ٻيهاري تہ ملاقات ۽ رخصت ڪريون چو تہ ائين نہ ٿئي جو واعدي خلافي ٿئي نہ تہ واعدي جي وفائي لاءِ قاضي وٽ ڪهڙن جي شهر ۾ وڃڻو پوندو پوءِ ٻانهو ڏڪي وڃي شهر جي ٻاهران هڪ ڪوهہ ڪن بودلي مهيسر جي ديهہ وٽ قاضي کي پهتو ۽ ان کي ٻڌايو ويو تہ حضرت پير سائين جن توهان جي موڪلائڻ لاءِ واعدي جي مطابق اچي رهيا آهن. جيڪڏهن توهان نہ ٻيهندا تہ ڪهڙن جي شهر ۾ بہ توهان جي پويان ايندا پوءِ قاضي شرمندو ٿي، اتي ٻيهي رهيو ۽ گهوڙي تان هيٺ نہ لٿو پير سائين جن ٻيني ٻيني سواري جي حالت ۾ ان سان ڪجهہ ڳالهائي موڪلاڻي فرمائي، واپس درگاهہ مبارڪ تي تشريف آندائون!

سبحان الله احسن اخلاق جا عجيب عڪس اخلاق محمدي ﷺ هئا حديث قدسي ۾ آهي تہ: "صِلْ مَنْ قَطَعَكَ وَاعْطِ مَنْ حَرَمَكَ وَاعْفُ عَنْ مَّنْ ظَلَمَكَ" (يعني جيڪو توسان قطع تعلقات ڪري ان سان ڳنڍ، جيڪو توکي نہ ڏي، ان کي ڏي جيڪو توتي ظلم ڪري ان کي معاف ڪر) هي الله تعاليٰ جي طرف کان حضور ﷺ جن کي خطاب آيو آهي!

نقل 22: سيد حسن شاهہ نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهو حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! هر روز قرآن شريف مان ڪيترو قرآن پڙهڻ گهرجي؟ فرمايائون تہ پنج سيپارا پڙهي جيڪڏهن نہ تہ چار سيپارا نہ تي ٿي سيپارا اجان بہ نہ تہ بہ سيپارا پڙهي، آخر سوا سيپاري کان گهٽ نہ پڙهي. فقير وري عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪڏهن ڪو ماڻهو قرآن شريف پڙهيل نہ هجي تہ پوءِ ڇا ڪري؟ ان کي پاڻ ڪريمن فرمايو تہ سوا سيپاري جيتريون پنهنجي مرشد ۽ ٻين ولين سڳورن جون ڳالهيون ڪري ۽ الله تعاليٰ جي ياد ۾ محو ٿي پاڻ کي وساري ڇڏي.

نقل 23: عبدالله فقير ابڙو (جيهيجي جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن درگاهہ مبارڪ تي، مسجد جي ٻاهرين صحن ۾ امين فقير ۽ آيل فقير هڪ ٻئي ۾ ڳالهيون ٿي ڪيو اَمين فقير آيل فقير

كي چيو تہ توكي تنهنجي استاد خليفي ميان علي محمد جتي ڏني آهي، ۽ توكي اتي بہ نصيب ۾ جتي آهي آيل فقير، امين فقير _جيكو مير سهراب ٽالپر جو كاركن هو) كي چيو تہ تڏهن بہ مريدن جي لڙهي گهٽ كونہ ٽيندي انهن جي اها ڳالهہ بولهہ پير سائين جن جي كن مبارك تي پيئي ۽ پاڻ مسجد شريف جي صحن ۾ بدن تان كپڑا لاهيو مينهن ۾ بينا هئا كجهہ وقت ماڻ كري آهستي مني زبان سان آئل فقير كي فرمايائون تہ طالب كي گهرجي تہ كنهن جي بہ مراد جو دروازو بند نہ كري ۽ جوش ۾ نہ اچي ۽ هوش كري كڏهن خطا نظر اچي وجي تہ طعنو نہ هڻي.

نقل 24: خليفو ميان لقمان فقير نقل كري ٿو تہ حضرت پير سائين جن جي عادت مبارك هيءَ هئي جو مسجد شريف ۾ داخل ٿيڻ وقت جيكي باهر كيڏ جهڙيون شيون مثلاً وار كنڌا ۽ كانين جا ٽكرا، جيكي نظر آيا تي، سيئي چونڊي هٿ مبارك ۾ جهلي، باهر اڇلڻ جو حكم فرمائيندا هئا.

نقل 25: هك ڏينهن حضرت پير سائين جن مسجد شريف ۾ اچڻ وقت باهريون شيون هٿن مباركن سان چونڊي، پوءِ فرمايائون جيكو ماڻهو باهريون شيون مسجد شريف مان باهر اڇلائيندو تہ قيامت جي ڏاڙي ان شيءِ كي جبل احد جيترو كري، ان جي نيكين سان ميزان ۾ تورائيندا.

فصل ڇهون
كسر نفسي كرڻ

نقل 1: حضرت پير سائين جن جي هيءَ عادت مبارڪ هئي، جو پنهنجن پٽن يا فقيرن جي جماعت مان، جُتي ڪٽڻ جو حڪم ڪنهن کي نه ڪندا هئا جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو خودبخود ڪنئي ٿي ته ان کي منع نه ڪندا هئا، ۽ وري جڏهن جتي مبارڪ کي ڪٽي پنهنجي هٿن ۾ ڪندا هئا ته ان وقت جيڪڏهن کو ڪٽڻ جو ارادو ڪندو ته ان کي هرگز نه ڏيندا هئا.

نقل 2: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايائون ته جيڪڏهن کو پير سمجهي ٿو ته مريدن کي فقط مون مان ئي فائدو آهي ته اهو پير ڪافر ٿيندو ۽ ان جا مريد بي فيض ۽ بي نصيب رهندا.

نقل 3: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ ڏينهن فقيرن جي جماعت سان ڪنهن جاءِ تي ويو هيس، ان وقت جماعت کي وجد ۽ حال حاصل ٿيو ۽ فائدو به ظاهر ٿيو. ته اوچتو هڪ مجذوب ۽ ڪامل عورت پيدا ٿي جيڪا تاڙيون هٽندي هي لفظ چوندي رهي: پير مَ پائنج پاڻ، متان خادم ڏسي خوش ٿئين" ان وقت ئي اهو خيال دل مان نڪري ويو.

نقل 4: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ ڏينهن سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي ڪان ڪا خطا ٿي پيئي ته گريوزاري ڪيائين، الله تعاليٰ جي طرف کان ان کي حڪم آيو ته اي بايزيد! پاڻ کان ڪا شيءِ گهٽ منهنجي حضور ۾ آڻ ته توکي گناهه معاف ڪريان. بزرگ بسطامي رحمۃ اللہ علیہ ان حڪم جي ڪري ڪنهن جاءِ تان سڪر پليت شيءِ (ڪرفتي) ڪنئي ته پليتي زبان حال سان شيخ ڪان پڇيو ته تو مون کي ڇا لاءِ ڪنيو اٿئي؟ ڇيائين ته مون کان گناهه ٿيو آهي ۽ الله تعاليٰ حڪم فرمايو آهي ته پاڻ کان گهٽ شيءِ ڪٽي اڇ ته توکي گناهه بخشيان ان ڪري توکي ڪنيو اٿم. پليتيءَ وري زبان حال سان چيو ته ڪالهه اوهان مون کي پنهنجي خوراڪ سمجهي قيمت سان وٺڻ لاءِ بازار ۾ ڦريا پي، پر آئون اوهان کي نٿي مليس توهان سان چار پهر رهڻ ڪري پليت ٿي آهيان ڇا جي ڪري مون کي پاڻ کان گهٽ سمجهيو اٿئي؟ شيخ موصوف جڏهن ان کان اها ڳالهه ٻڌي، تڏهن پريشان ٿي ان کي ڦٽي ڪيائين ۽ وري ٻي جاءِ تي ويو، جتي هڪ ڏونڊ ٿيل مئل گڏهه جنهن ۾ ڪينئان پيل هئا ڏٺائين شيخ صاحب ان کي ڪنهن طرح ڪٽي روانو ٿيو ته مئل گڏهه جي لاشي زبان حال سان چيو ته اي شيخ! مون کي ڇا لاءِ ڪنيو اٿئي؟ شيخ وراڻيو ته مون کان خطا ٿي پيئي آهي ۽ الله تعاليٰ حڪم فرمايو آهي ته ڪا به شيءِ پاڻ کان گهٽ منهنجي دربار ۾ آڻ، ته توکي گناهه بخشيان ته اتي مئل گڏهه

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سڪندري

زبان حال سان چيو تہ اي شيخ! مان پنهنجي مالڪ جو بار ڪٽي ڪٽجي، ان جي خدمت ۾ ساهہ ڏنو اٿم ۽ تو پنهنجي مالڪ کي ڏمرايو آهي پوءِ ٻہ تو مون کي گهٽ سمجهيو اٿئي ۽ پاڻ کي مون کان پلو چا جي ڪري سمجهين ٿو؟ شيخ ان کي ٻہ اتي ڇڏي ڪري پي جاءِ تي ويو، ان جاءِ تي ڪتي جو ننڍو ٻچو ڏٺائين تہ ان کي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي روانو ٿيو. ڪتيءَ جي ڪر ٻہ زبان حال سان چيو تہ اي شيخ! منهنجي ڪنڌ ۾ رسو چا لاءِ وڌو اٿئي؟ شيخ چيو تہ مون کان گناهہ ٿي پيو آهي، جنهن لاءِ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ پاڻ کان گهٽ شيءِ ڪٽي اڇ تہ پوءِ توکي گناهہ بخشيندس. ڪتيءَ جي ٻچڙي زبان حال سان چيو تہ تو پنهنجي مالڪ کي ڏکوئي ناحق رسو منهنجي ڪنڌ ۾ وڌو آهي لائق ائين آهي تہ تون پنهنجي ڪنڌ ۾ ڳارو وجهي، هن نموني سان مالڪ جي حضور ۾ حاضر ٿيءُ ۽ راضي ڪر تہ شايد هن ڪري گناهہ توکي معاف ٿي وڃي ۽ اهو ان سخيءَ کان پري نہ آهي. شيخ کي ڪتي جي ٻچڙي جي سچ چوڻ سان ڪيفيت کلي پئي ۽ سمجهيائين تہ سڀ شيون ۽ ماڻهو مخلوقات ۾ مون کان پلا آهن پوءِ سر سجدي ۾ رکي الله تعاليٰ جي دربار دعا گهريائين ۽ پنهنجي دل سان سمجهيائين تہ سڀ مون کان پلا آهن ۽ پنهنجين ڪوتاهين جو عذر گهريائين. ان کان پوءِ غيب کان شيخ جي دل ۾ الهام ٿيو تہ اي بايزيد اهي سڀ معائنا جيڪي توکي ڪرايم، ان لاءِ هئا تہ تون پاڻ کي سڀني کان گهٽ، ۽ ٻين سڀني کي پاڻ کان وڌيڪ سمجهين.

نقل 5: هڪ ڏينهن سفر ۾ سواري تي، حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو تہ حضرتا! اوهان کي پهريائين سير سلوڪ حاصل ٿيو هو يا جذب؟ پير سائين جن اکين ۾ پاڻي آڻي فرمايائون تہ اسان کي نہ سلوڪ ٿيو نہ جذب مگر هن واٽ جي مشتاق هوندا هئاسون اي عزيز! هن جاءِ تي هڪ بزرگ فرمايو آهي:

اشتياق کہ بديدار تو دارد دل من
دل من داند من دانم داند دل من

(جيڪو شوق تنهنجي ديدار جو منهنجي دل کي آهي، اهو مان ڄاڻان ۽ منهنجي دل ڄاڻي ٿي).

ڪامل جي ڪمال حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٻہ سيني مقصدن کي اڻ ڳڻيو (وساري) ڪري، فقط شوق کي باقي رکڻ، ان کي نهايت النهايات (آخري) مرتبو چئبو آهي! جيئن سلطان العارفين بايزيد بسطامي فرمايو آهي تہ کي طالب هڪ ڦڙي سان بيهوش ٿي ويا ۽ کي اهي مرد آهن، جيڪي درياهہ پيئڻ کان پوءِ ٻہ "هَلۡ مِنۡ مَّزِيۡدٍ" (سوره ق: آيت ۳۰) (ايان زياده هجي) جو نعرو هڻندا وتن ٿا، ان کان پوءِ فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! تو مربيءَ جي ديگ مان تہ سڄي جهان کاڌو بلڪ سيني جهانن جي طالبن کائي ڏئو ڪيو آهي، تڏهن پير سائين جن هي الفاظ شوق ۽ پوري عجز سان فرمايا اسان لاءِ تہ ديگ جو ترو ٻہ نہ رهيو آهي:

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جز عجز جز بيچارگي
نقدے ندارد خواجگي
(اصل سرداري ۾ عاجزي ۽ بيچارگي، کانسواءِ کابہ نقد نہ آهي)

نقل 6: خليفو ميان غازي خان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ ڪنهن شهر ۾ هڪ ٻيڏڙي عورت رهندي هئي، ان جي گهر ڪڏهن ڪڏهن هڪ فقير مهمان اچي ٿيندو هو. اتفاقًا اهو فقير هڪ رات ان عورت جي گهر ۾ ٽڪي پيو ۽ عورت کان پڇيائين تہ ڪو ڪپڙو آهي تہ سرديءَ کان مٽان وجهي سمهان؟ ان عورت چيو تہ مون وٽ ٻہ پڙا آهن هڪ پراٽو ۽ ٻيو نئون پراٽو آئون ٿي مٽان پائيان ۽ نئون تون مٽان وجهہ فقير چيو تہ نئون پڙو تون پاڻ وٽ رک ۽ مون کي پراٽو پڙو ڏي آخرڪار پراٽو پڙو سرديءَ ۾ پنهنجي مٽان وجهي فقير سمهي ڏيو. صبح جي وقت فجر نماز کان پوءِ، ان پڙي جو اڳڻ کولي پنهنجي مٽي جي مٽان وجهي مراقبي ۾ ويهي رهيو ايتري ۾ ان عورت جي پاڙيسرين مان هڪ ماڻهوءَ اچي چيو تہ اي فقير! هن پڙي کي پاڻ کان جدا ڪر جو هن شهر جو نواب تنهنجي زيارت لاءِ اچي ٿو فقير چيو تہ الله تعاليٰ جي حضور ۾ هن ڪپڙي سان حاضر ٿيس نواب وري ڪير ٿيندو آ، جو ان لاءِ هن پڙي کي پاڻ کان پري ڪريان.

نقل 7: خليفو ميان غازي خان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ شاهہ پوٽن سيدن جي ديهہ کان اچي لنگهيا، اتان جا سيد سڳورا پير سائين جن سان جهيڙي ڪرڻ لاءِ گهوڙن تي سوار ٿي پئي آيا ۽ وڏي آواز سان چيائون تہ اي گهوڙي سوار بيهہ؟ پير سائين جن انهن جي چوڻ سان بيهي رهيا سيدن پڇيو تہ پير توهان کي چوندا آهن؟ پاڻ ڪريمن فرمايو تہ مان پير مرد (اڇي ڏاڙهي وارو) آهيان، ان ڪري ماڻهو مون کي پير چوندا آهن ان کان پوءِ انهن کي ڪوبہ جواب نہ آيو ۽ ماڻ ڪري شرمندا ٿي واپس هليا ويا.

نقل 8: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ ڏينهن خواجہ محمد پارسا رحمۃ اللہ علیہ حضرت خواجہ نقشبند جن جي گهر ٽاهڙ لاءِ ڪوڏر سان گارو ٽاهي فقيرن کي ڏنو ٿي، ۽ انهن تغارين ۾ وجهي ڪنيو ٿي. هڪ وقت فقيرن ڪجهہ ساهي پٽي، تہ ان وقت خواجہ محمد پارسا رحمۃ اللہ علیہ فرصت سمجهي ڪڏ مان ٻاهر اچي، ڪڏ ۾ پير لڙڪائي ڪوڏر پيشاني هيڻان رکي مراقبي ۾ مشغول ٿي ويو. اتفاقًا ايتري ۾ خواجہ نقشبند اتي آيو ۽ خواجہ محمد پارسا جي حالت کي ڏسي ڪڏ ۾ لهي وجي وينو ۽ ان جي پيرن کي مٿي تي رکي، دربار خداوندي ۾ عرض ڪيائين تہ يا الله هن پيرن جي برڪت سان بهاءُ الدين تي رحمت۽ مغفرت فرماءِ ٻيو دفعو ٻہ خواجہ محمد پارسا رحمۃ اللہ علیہ خواجہ نقشبند جن جي گهر ٽاهڙ لاءِ ڪوڏر سان مٽي ٽاهي، درويشن کي ڏني پئي ۽ درويشن تغاري ۾ وجهي ڪنئي پي، سج جي سخت گرمي ڪري سڀ درويش نم جي ڇانو ۾ وجي وينا جيڪو وڻ ان حوض جي ڪناري تي بينل هو. وڻ

سكندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

جي ڇانو پوري ٿيڻ جي ڪري خواجہ محمد پارسا متيءَ وارن پيرن سان ڪوڏر مٿي هينيان رکي، سج جي گرمي ۾ سمهي پيو ۽ استغراق ۾ هليو ويو. ان وقت خواجہ نقشبند اتان لنگهيو ۽ جڏهن خواجہ محمد پارسا کي اُس ۾ ستل ڏٺائين، تڏهن هن ان جي پيرن تي هٿ رکي، درگاهہ خداونديءَ ۾ عرض ڪيائين تہ يا مولیٰ پاڪ، بهاءُ الدين کي هنن پيرن جي برڪت سان بخش ڪر.

نقل 9: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي فقيرن جون دعوتون قبولي، فتح علي ۽ ابراهيم فقير ڪٽياڻ سنره جي رهندڙن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا. گرمي ۽ دستن جي اثر کان سندن بدن تي ضعف غالب هو رات جي وقت پائخانہ ڏانهن وڃڻ جي ضرورت محسوس ڪيائون موليڏنو فقير جيڪو خاص خدمت لاءِ مقرر هيو، ان کي هڪ دفعو سڏ ڪيائون پر فقير ننڊ جي ڪري جواب نہ ڏنو پوءِ پاڻ ڪونرو ڪنيائون، ايتري ۾ ٻانهي کي خبر پئجي ويئي، پوءِ هٿن مبارڪن مان ڪونرو ونڊي، پير سائين جن کي پاڪر ۾ ڪٽي پائخانہ تائين آندم ۽ ٻاهران انتظار ۾ بيهي رهيس جڏهن ٻاهر آيا تڏهن ساڳي طرح سان پاڪر ۾ ڪٽي وضوءَ جي جاءِ تي آندم ۽ پنهنجي ڪپڙي تي ويهاريم. حاجي فقير باهہ کي وڏيڪ روشن ڪيو، ان وقت نيازيءَ سان دعا گهرياٿون يا الله مان ٻہ دفعا نابين ٿيو آهيان، مون تي رحم ٻہ ٻہ دفعا فرماءِ ايترو چوندي اکين مبارڪن مان پاڻي نڪري ڳلن تا جاري ٿي ويو ۽ هي بيت گهٽو وقت پڙهندا رهيا:

گريہ زاری عجب سرمايہ است
تا بشهر دل قوی ترمايہ است

(گريو ۽ زاري عجيب سرمايو آهي، دل جي شهر جي لاءِ طاقت واري موڙي آهي)

نقل 10: سيد سچل شاهہ نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا مون کي فلاڻو شخص شڪاري چوي ٿو، پاڻ فرمايائون تہ اي پاڻ! مان ٻہ وڏو شڪاري آهيان ڇو تہ شڪاري ان کي چوندا آهن، جيڪو ماڻهن جي پائخانن مان گندگي ڪڍي، سو اسان ٻہ طالبن جي دلين مان گندگي صاف ڪريون ٿا.

نقل 11: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ سلطان محمود رحمۃ اللہ علیہ کي اياز رحمۃ اللہ علیہ نالي هڪ ٻانهو هو، بادشاهہ وٽ قرب ۽ عزت ۾ ڪنهن وزير ۽ امير کي ان سان همسري ڪانہ هئي. اياز جو هڪ حجرو هو جنهن جو دروازو ڪلف سان بند ڪري ۽ ان جي چاٻي پاڻ سان گڏ رکندو هو هر صبح شام پهريان ان ڪمري مان ٿي، پوءِ بادشاهہ جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيندو هو ۽ ان ڪمري ۾ ڪنهن کي اچڻ نہ ڏيندو هو وزيرن ۽ اميرن، اياز جي انهيءَ عادت مان حسد جي ڪري سمجهيو تہ ان ڪمري ۾ ڪو خزانو پيل آهي، ۽ انهيءَ سان اياز جي دل ٻڌل آهي سيني متفق ٿي بادشاهہ جي خدمت ۾ بيان ڏنو تہ حضرتا! اياز فقط شاهي نوازش جي ڪري ممتاز آهي باقي شاهاٿي خدمت ادا ڪرڻ سان کابہ قربت ڪونہ ٿو رکي،

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ان جي دل سندس ڪمري ۾ رکيل خزاني سان ٻڌل آهي، جنهن جي چاٻي هو ڪنهن کي به نه ڏيندو آهي. بادشاه انهن حاسدن جي ڳالهه تي ڪوبه اعتبار نه ڪيو ۽ نه وري ايياز سان ڪا ڳالهه ڪيائين، پر جڏهن شڪايت ڪندڙن کان بار بار شڪايت آئي، تڏهن بادشاه ڪاوڙ ۾ اچي فرمايو ته توهان کي اجازت آهي، ان جي ڪمري جي دروازي کي کهاڙي سان کپي خزانو لٽ ڪريو پر جيڪڏهن خزانو نه هوندو ته پوءِ توهان سپني کي تلوار سان قتل ڪرائي ڇڏيندس. هنن کي مال جو يقين هو، سو دروازي کي پيڇي اندر ويا ته اتي ڪجهه به ڪونه ڏٺائون فقط هڪ پوسين ۽ پيو قاتل چولو جيڪو ڪنهن به ڪم ۾ اچڻ جهڙو نه هو، پيل ڏٺائون گهٽي ڳولا کان پوءِ حاسد پشيمان ۽ پريشان، هٿين خالي حياتيءَ کان هٿ ڌوئي، بادشاه جي خدمت ۾ آيا. بادشاه پنهنجي محبوب جي متعلق بيڇڙي گمان رکڻ وارن کي کهڻ جو اعلان فرمايو ته ان وقت ايياز بادشاهي تخت جي اڳيان هٿ ٻڌي سفارش ڪري سپني کي ساه بخشيو ۽ جيئندان ڏياريو. ان کان پوءِ بادشاه ايياز کان پڇيو ته صبح شام تنهنجو حجري ۾ وڃڻ کهڙي سبب ڪري هو؟ عرض ڪيائين ته حضرتا! پراڻي چادر ۽ پراڻو چولو ۽ جوتو آهي جيڪي بادشاه سلامت جي نوازش کان اڳي هن فقير جو لباس هو. اهي نفس کي ڏيکارڻ لاءِ نگاهه ۾ رکيا هيم ۽ هر وقت نفس کي ڏيکاريندو هيس، ته متان بادشاه جي مهربانين کي ڏسي مغرور ٿي وڃين ۽ بادشاه جي خدمتن جي حق ادا ڪرڻ ۾ سستي ڪرين ۽ هر ڏينهن بلڪ صبح ۽ شام پنهنجي نفس کي چيم پئي ته اي نفس! بادشاه جي نوازش کان اڳي هن لباس جو لائق هئين ۽ هاڻ متان مغرور ٿيو آهين.

نقل 12: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته خواجه ابو الحسن خرقاني رحمۃ اللہ علیہ جو هڪ مريد پراهين سفر کان خواجه صاحب جي زيارت لاءِ آيو ۽ دروازو کڙڪايائين، ته اندران آواز آيو تون ڪير آهين؟ چيائين ته آئون خواجه صاحب جو مريد آهيان ۽ زيارت لاءِ آيو آهيان خواجه صاحب جي گهر واريءَ ان کي چيو ته خواجه صاحب هن کان اڳ هڪڙي طرف وڃي اتان جي ماڻهن کي نڪي گمراه ڪري آيو هو. وري هينئر به انهيءَ نيت سان ڪيڏانهن ويل آهي. مريد سچو هو جنهن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ ان عورت کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيائين پر خواجه صاحب جي حرم شريف جي احترام ڪري لاحول پڙهي واپس موٽيو ۽ دل ۾ هي حقيقت ويهاريائين ته شايد خواجه صاحب نفس جي خواهش ٽارڻ لاءِ هي بي ادب حرم پنهنجي گهر ۾ ويهاريو آهي. ان کان پوءِ جتي خواجه صاحب جن لٽل هئا، اتي وڃي زيارت ڪيائين خواجه صاحب ان جي دل جي ڪيفيت معلوم ڪري فرمايو ته مون هن زال کي ان ڪري ويهاريو آهي ته اسان جو نفس ان جي نالائق ڳالهين کي سهي ۽ بار ڪٽي ۽ جڏهن ان کي بيڇڙين ڳالهين سهڻ جي عادت ٿي ويئي ته پوءِ خدا جي بي خلق جي اهڙين ڳالهين کان به ان جي دل تي غبار نه پوندو.

نقل 13: هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو ته هڪ ڏينهن حضرت ميان صاحب (سندن والد صاحب) جي خدمت ۾ نياز سان عرض ڪيو سون ته حضرتا! نقل آهي ته ڪو بزرگ طلب جي خيال سان ڪنهن ڪامل ولي وٽ آيو، اتفاقًا شغل نصيب نه ٿيس ۽ خالي واپس هليو ويو جڏهن ان طالب شخص

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

كي سڪرات جو وقت پهتو. تڏهن شيطان اچي ڏاڍو تنگ ڪيس ۽ توحيد بابت هن کان سوال جواب ڪرڻ لڳو ۽ آخر سندس سمورا ظاهري دليل ختم ٿي ويا ۽ فقط هڪ دليل، هي آيت سڳوري:
" لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا "(سورة الانبياء: آيت ٢٢) (جيڪڏهن زمين ۽ آسمان ۾ الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيا ٻہ خدا هجن ها تہ زمين آسمان برباد ٿي وڃن ٿا) باقي رهيو هو ان وقت ان ڪامل ولي سڳوري کي اُن جي طلب جي ارادي واري گهڙيءَ جو ننگ پيو ۽ وضو ڪندي سندس طبعيت تي جوش اچي ويو ۽ پاڻي سان گرڙڻا ڪري تمام زور سان زمين تي اڇلايائين، تان جو پاڻي ڪپي ويو ۽ ان کان پوءِ ڏندڻ ۽ ڪونري کي ٻہ زمين تي ڦٽو ڪيائين پوءِ جڏهن افاقي ۾ آيو تہ مريدن عرض ڪيو تہ حضرتا! هي جلال ڇا جي ڪري هو؟ ان ڪامل ولي پوري حقيقت بيان فرمائي ۽ چيائين تہ ارادي جي طالب کي، شيطان کان ڇڏائي، هن دنيا فاني مان ايمان سان آخرت ڏانهن روانو ڪيو سون. حضرتا! ان ڪامل ولي کي فقط پنهنجي حجري جي ننگ پيو هو ۽ هي ضعيف ظاهراً ۽ باطنًا اوهان جي توجهہ عاليہ جو پاليل آهي هن عاجز تي پورو توجهہ عنايت ٿئي؟ حضرت ميان صاحب جن کي هي عرض تمام گهٽو پسند آيو ۽ پوءِ ڪريمانہ شفقتن ۽ مرشداڻي مهرباني سان سرفراز فرمايائون.

نقل 14: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن قلات جي سفر ۾ شاديهر جي جاءِ کان سوار ٿيا ۽ اهي ڏينهن گرم هوائن ۽ سخت گرميءَ جا هئا ۽ جبل تي مينهن نہ وسڻ ڪري هوا جي بدران ڇٽڪ باهہ ٿي وسي، پير سائين جن جي جسم تي فقط هڪ چادر هيڻ ٻڌل ۽ لونگي ڪلهن تي هئي ۽ باقي بدن مبارڪ اگهاڙو هين. قاضي عبدالرحمٰن ۽ خليفي محمد حسين ڪڙتو ۽ پهراڻ ڏڪي ۽ پٽڪي سان پنهنجا ڪن بند ڪري ڇڏيا هئا ۽ پوري طرح ڪپڙن سان ويڙهيل هئا. فقيرن عرض ڪيو تہ حضرتا! گرم هوا، ان کان بدن مبارڪ کي ڪڙتي يعني، پهراڻ سان ڍڪڻ گهرجي؟ جواب ۾ فرمايائون تہ اسان ٻين فقيرن جهڙا مسڪين فقير آهيون فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! قاضي عبدالرحمٰن جو تہ معائنو فرمايو؟ پاڻ مرکي فرمايائون تہ تون خليفي محمد حسين کي نٿو ڏسين؟

نقل 15: حضرت پير سائين جن نصرپور ۾ مائي سليمة (پليجه جي رهندڙ) جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا ۽ فقير جيڪي مائي جي گهر ۾ آيا ٿي، اهي لٽيندا ڪائيندا ٿي ويا ان وقت دعوت لاءِ هڪ منگڻ جي ديگ چاڙهي هئائين جيڪو ٻہ فقير ان جي گهر ۾ آيو ٿي، اهو ڪوبہ ٿانو ڪٽي منگ وڻي ڪائيندو رهيو ان گهر ۾ پير سائين جن ڪٽ تي وينا هئا ۽ هي فقير هيڻ وينو ٿي، تہ پاڻ هٿ کان وڻي ڪٽ تي وهاريائون کي فقير ٿانون ۾ کي ڪپڙي ۾ منگ وٽندا ڪائيندا رهيا پاڻ ڪريمن جن معائنو ڪندا رهيا پوءِ پاڻ فقير کي فرمايائون تہ لٽ ٿي رهي آهي تون ٻہ ڪٽي اڇ تہ ڪائون فقير کي ٻيو ڪوبہ ٿانو ڪونہ ملیو، فقط هڪ ڇڪل طباخ هٿ آيو، پاڻ فرمايائون تہ ان اڏ طباخ ۾ ٻہ ڪٽي اڇ پوءِ هي فقير، ان کي ڏوئي منگ وڻي آيو ۽ پير سائين جن واپرايا ۽ فقير کي ٻہ پاڻ سان گڏ ڪارايائون حضرت پير سائين جن اصلا سادا هئا ۽ مشائخي ۽ تڪلف پاڻ وٽ ڪڏهن ٻہ روا نہ رکيائون.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 16: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن کول لانگاهه (خيرپور ميرس سهراب) ۾ هڪ دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، اهي ڏينهن سياري جا هئا ۽ ان ديهه جون عورتون اچڻين نماز جي وقت نذراني طور جوار جا ڦلا ڪٽي آيون ۽ فقيرن انهن کان اهي ورتا ٿي ايتري ۾ هڪ عورت جوار جا ڦلا جيڪي تمام صاف ۽ اڇا هئا آندا، پير سائين جن هن فقير کي فرمايو ته هي جوار جا ڦلا، تون وڃانءِ ته تون ۽ آئون گڏجي کائون جو هي جوار جو اهو قسم آهي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ ڏوتڙ چوندا آهن.

اي عزيز! پير سائين جن جي اصلاً عادت مبارڪ هئي جو پاڻ مڪلّف طعامن کان نفرت ڪندا هئا، سادگي ۽ مسڪيني کي پسند ڪندا هئا ۽ هر وقت اٺڻ ويهڻ، قول فعل، کائڻ پيئڻ، سمهڻ هلڻ، بيهڻ ۽ عادتن ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي تابعداري ڪندا هئا ۽ ڪسر نفسي کي محبوب رکندا هئا.

نقل 17: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ ڏينهن اعرابين جي هڪ جماعت حضور ﷺ جن جي حضور ۾ آئي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي منهن مبارڪ کي ڏسي جذبي ۽ وجد ۾ اچي ويئي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه فرمايو ته هن کان اڳي اسان به ائين هئاسون هن وقت شايد منافق ٿي ويا آهيون ان کان پوءِ حضرت پير سائين جن فرمايو ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن جو هي فرمودو ڪمال ڪسر نفسي جي ڪري هو ورنه ڪمال ايمان کان ئي سندن نالو صديق رکيل هو پر ان حالت کان لنگهي ڪماليت جي درجي کي پهتا هئا.

نقل 18: حضرت پير سائين جن جي هيءَ عادت مبارڪ هئي ته زمين تي بغير مصلي جي سجدو ڪرڻ کي وڌيڪ پسند ڪندا هئا ۽ ڪيترا دفعا شوق ۽ ذوق کان فرمائيندا هئا ته اي يارو! اچو ته پنهنجي خدا کي زمين تي سجدو ڪريون ۽ فرمائيندا هئا ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي حديث مبارڪ ۾ آيل آهي ته جيڪو زمين تي سجدي ڪرڻ کي پسند ڪندو ۽ ان تي عمل ڪندو ته ان کي الله تعاليٰ تڪبر جو خيال نه ڏيندو.

نقل 19: ٽنڊي قيصر نظاماڻيءَ جو رهندڙ هڪ فقير نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن هن ٻانهي (جامع ملفوظات) جي دعوت تي ڪڙئي ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ سومهڻي نماز کان پوءِ پير سائين جن کي حويلي وارن ماڻهن کي زيارت ڪرائڻ واسطي گهر ۾ وڃي ويس پوءِ جڏهن اندران اوطاق تي آرام ڪرڻ آيا ته جمعو فقير خادم پير سائين جن جي (واضح هجي ته هميشه سندن عادت مبارڪ هوندي هئي ته جيڪڏهن تهجد ادا ڪرڻ وقت کو فقير سجاڳ هوندو هو ته کين ڪؤنرو پري ڏيندو هو، ورنه پاڻ ننڊ مان کنهن کي به نه اٺاريندا هئا) جُتي مبارڪ بغل ۾ رکي سمهي پيو ته جتي مبارڪ لاءِ ضرور اٺاريندا پاڻ جڏهن تهجد جي وقت سجاڳ ٿيا، تڏهن سيئي فقير ننڊ ۾ هئا ۽ جتي مبارڪ به کين هٿ نه آئي پوءِ پاڻ پيرن اگهاڙا خودبخود ڪؤنرو ڪٽي وضو ڪرڻ ويا ٿي فيروز فقير چوي ٿو ته جڏهن منهنجي مٿي کان لنگهيا ته ان وقت مون کي سجاڳي ٿي پئي ۽ اٿي ڪؤنرو

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هٿن مبارڪن مان وٺي، خدمت شريف ۾ هليس ۽ پيرن مبارڪن ڏانهن نظر ڪيم تہ اگهاڙا نظر آيا عرض ڪيم تہ حضرتا! جتي مبارڪ ڪٿي آهي؟ فرمايائون تہ جمعو فقير لڪائي سمهي پيو آهي، ان کان پوءِ جمعي کي اڌاري جتي مبارڪ ڪٿي اڇي حاضر ڪيم.

نقل 20: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن سهراب فقير وساڻ وٽ دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا. گهوڙن تان لهندي ئي زمين تي ويهي رهيا، اگرچہ ماٹهن ڪپڑا وڇائي عرض نياز ڪيائون تہ ڪپڑي تي تشريف رکو پر قبول نہ فرمايائون ۽ ارشاد ڪيائون تہ زمين تي ويهڻ پلو آهي چو تہ زمين الله تعاليٰ جو فرش آهي پوءِ اتيئي ذڪر ڪيائون ۽ سومهٽي نماز بہ زمين تي پڙهيائون ان کان پوءِ پنهنجي بستري تي جلوه افروز ٿيا.

نقل 21: معتبر راوي کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ جڏهن ماٹهو ساڳ ڪائيندو آهي تہ آسمان ۽ عرش عظيم جا ملائڪ، پاڻ ۾ مبارڪون ڏيندا ۽ خوش ٿيندا آهن تہ فلاٹي شخص اڄ ڏينهن يا رات جو "بري سبزي" کاڌي آهي.

نقل 22: هڪ دفعي موليڏنو فقير (ڪونرو ڪٹندڙ) ڪنهن سبب ڪاوڙ ۾ اچي، حضرت پير سائين جن جي حضور کان پري رهيو ۽ بن ٽن ڏينهن اندر پريشان ۽ پشيمان ٿي ميان قابل شاهہ ۽ هن ٻانهي (جامع ملفوظات) کي گناهہ بخشرائڻ لاءِ چيو اسان سندس عرض حضور ۾ عرض ڪيو. مذڪوره فقير اڇي پير سائين جن کي پاڪر پاتو پوءِ پاڻ ارشاد فرمايائون تہ تون اسان کي ڪا بہ تڪليف نہ پهچائي هئي تون پاڻ ڪاوڙجي ويو هئين. اسان کي ڪونري ڪٹائڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي اسان لاءِ فقيرن جي جماعت ۾ تمام گهٹا ڪؤنرا آهن، جو ڪنهن فقير کان وٺي وضو ڪنداسون.

نقل 23: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن رمضان شريف جي مهيني ۾ اعتڪاف ۾ وينا هئا، پوءِ جن ماٹهن سورت ياسين سڳوريءَ جو ختمو پورو ڪيو هو يا درود شريف ۽ تهليل وغيره پڙهي هئي، گڏ ڪري حضور ۾ آندائون ٿي، پاڻ انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ پچائون پئي تہ تو ڇا آندو آهي؟ ڪنهن چيو تہ مون هزار ڀيرا سورت ياسين سڳوريءَ جا آندا آهن ۽ ڪن چيو ٿي تہ ڏهہ ٻارنهن هزار تهليل آندي اٹئون ڪنهن چيو تہ لک درود جو. آندو اٹم هي فقير بہ حضور ۾ حاضر هو پاڻ نظر عنايت فرمائي پچائون تہ تو ڇا آندو آهي؟ هن ٻانهي عرض ڪيو تہ حضرتا ڪجهہ ڪونہ آندو اٹم. پير سائين جن هن حقيقت کان ڏاڍا خوش ٿيا.

نقل 24: محمد ذاڪر، ٽنڊي قيصر فقير نظاماٹيءَ جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن سائي ڪڑتي ناهڻ جو حڪم فرمايو ۽ استر اڇو ڏنائون مون عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪڏهن حڪم ٿئي تہ پنهنجي پسند تي رنگين ڪرايان؟ پاڻ فرمايائون تہ اسان کي بزرگي پسند نہ آهي، پوءِ اهو اڇو استر ڪڑتي ۾ وڌو ويو.

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 25: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن آئون ۽ خليفو صاحب (ملفوظات جمع ڪندڙ) ۽ خليفو ميان سلطان، ٽيئي اجازت ونڻ جي خيال سان، حضرت پير سائين جن وٽ اعتڪاف واري جاءِ ۾ وڃي وينا سون هر هڪ پنهنجا احوال پيش ڪيا، ٿوري دير کان بعد ارشاد فرمايائون تہ اسان جي هي عادت آهي، جو ذڪر پڙهڻ کان اڳي سورت (قل هو الله) جو ثواب فقيرن کان گڏ ڪري، حضرت پيران پير جن کي بخشيندا هئاسون هڪ رات سورت ياسين جي پڙهڻ ۾ مشغول هئاسون، فقيرن جي جماعت قلن جو ثواب اسان کان اڳي بخشي ذڪر ۾ مشغول ٿي ويئي، اسان ياسين سورت پڙهڻ سان گڏ ٻہ ٽي دفعا سورت قل اهو الله پڙهي انتظار ڪيوسون تہ هن کان اڳ فقيرن جي قلن بخشڻ کان پوءِ، پنهنجا قل بخشيندا هئاسون، هاڻي ڇا ڪريون؟ پوءِ گناهه کي اڳ ۾ ڪري، قلن جو ثواب پوري عاجزي ۽ نياز سان بخشيوسون:

جز عجز جز بيچارگی
نقدے ندارد خواجگی

(اصل سرداري عجز ۽ بيچارگي کانسواءِ ڪابہ روکڙ نہ ٿي رکي)

نقل 26: حضرت پير صاحب بنگلي ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ جن فرمايو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن هڪ هندو ڇوڪري کي مسلمان ڪرڻ فرمايو، ان جو پيءُ ايجان مسلمان نہ ٿيو هو تنهن پير سائين جن کي چيو تہ توهان اڄ سخت حرام ڪاڏو آهي؟ ان کي پير سائين کوبہ جواب نہ ڏنو ان کان پوءِ فقيرن عرض ڪيو تہ حضرتا! هن هندوءَ ڪهڙا نہ بي ادبي جا لفظ ڳالهايا آهن! پاڻ فرمايائون تہ سچ چيو اٿس ڇو تہ اڄ اسان ڪاوڙ تمام گهٽي ڪاڏي آهي، ان ڪري حرام ڪائڻ مان مراد ڪاوڙ ڪائڻ آهي.

نقل 27: محمد خان ولد بهادر خان نظاماڻي، خليفي ميان سلطان کان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڀيري حضرت پير سائين جن سوار ٿي ويا پي، ۽ ڪپهه جا ذرڙا جيڪي وات جي وٽن ۾ لڳل هئا، انهن مان ٿورڙا هٿن مبارڪن سان ڪٽي ڪڪ ٿي ويڙهي ڪن مان مرڪيائون مون خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! هن ڪپهه جو استعمال ڪرڻ جائز آهي يا نہ؟ پاڻ فرمايائون تہ ڪوبہ حرج نہ آهي ڇو تہ بيڪار پيل آهي پر مون هن لاءِ استعمال ڪيو آهي تہ جيئن منهنجو نفس مغروريءَ جو دم نہ هڻي تہ آئون ڪو پرهيزگار آهيان.

نقل 28: خليفو لقمان نقل ڪري ٿو تہ گهٽو ڪري، حضرت پير سائين جن وعظ کان پوءِ ڪرسيءَ تان هيٺ لهي ويهندا هئا ۽ عادت مبارڪ هيءَ هين جو هٿ مبارڪ ڳل تي رکي متفڪر ۽ حيران ٿي عاجزي سان چوندا هئا تہ يا الله تون عليم ۽ بصير آهين ۽ ماڻهو اسان جي تابعداري نٿا ڪن، ڪيترو بہ احڪامن پهچائڻ جي تبليغ ڪريون ٿا، پر انهن مان هڪ جي بہ ڪما حقه (جيئن ان جو حق آهي) اطاعت نہ ٿي ٿئي، هي پاڻ ڇيائون ٿي ۽ اڪين مبارڪن مان پاڻي هاريائون ٿي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 29: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن درگاھ مبارڪ تي عشاء نماز کان پوءِ، اونداهي رات ۾ حويلي کان مسجد شريف ڏانهن طالبن ۽ شائقين جي صحبت لاءِ آيا ٿي ۽ هڪ عورت دلا پرڻ لاءِ ڪوھ تي آئي هئي ۽ چرخي (نار) ڦيرائڻ جي انتظار ۾ هئي جڏھن پير سائين جن ڪوھ کان لنگھيا، تڏھن بغير سجاڻ جي عورت چيو تہ اي فقير! جي چرخي ڦيرائين تہ آئون دلا پري وڃان؟ پير سائين جن نيڪ صفتن جا مجسما، چرخي ڦيرائڻ ۾ مشغول ٿي ويا، اھا عورت تہ دلا پري ويئي، پر پي عورت ہ ان کان پوءِ آئي اھا ہ دلا پري ويئي، ايتري ۾ هڪ فقير آيو جنھن پير سائين جن کي سجاڻي ڪائنڪ چرخي ورتي ۽ پوءِ ھو چرخي ڦيرائڻ لڳو.

نقل 30: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي، هي فقير درگاھ مبارڪ تي حضور ۾ حاضر ھو شام جي نماز کان بعد ذڪر پڙھي سورت اخلاص جو معين ختمو پڙھي، حضرت غوث الثقلين رضی اللہ عنہ کي بخشش لاءِ ھٿ مبارڪ ڪنيا ھئائون، ان وچ ۾ فقيرن جي جماعت ڏانهن نظر ڪري وڏي عاجزي سان اللہ تبارڪ و تعاليٰ کي عرض ڪيائون تہ اي خداوندا! هنن طالبن جي جماعت جي وسيلي، مون کي بخش ڪر؟ دعا ۾ سندن عاجزي ايتري هئي، جنھن جو بيان لفظن ۾ آڻڻ مشڪل آهي.

نقل 31: هڪ دفعي (جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر ھو، ايتري ۾ قاضي خليفي عبدالرحمٰن حضور ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کي تڙ جي حالت ۾ سھٹا واقعا نظر اچن ٿا، جيئن نبي پاڪ ﷺ جي زيارت ڪرڻ وغيره، پوءِ هن حقيقت تي ميان قابل شاھ ۽ ٻين فقيرن جيڪي حال جا صاحب ھئا گھٹيون توجيھون ڪيون. پير سائين جن فرمايو تہ اھا حالت شرمساري جي آهي، ۽ هن نعمت جو حاصل ٿيڻ ۽ عجائب ڏسڻ ہ شرمندگي هيڻ آهي.

نقل 32: حاجي احمد تالپر. گل محمد تالپر نوڙي جو رهندڙ، نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي درگاھ مبارڪ تي، حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هيس پاڻ ڪريمن نقل بيان فرمايو تہ پھرين پيري مير غلام علي ٽالپر جي لشڪر دائود پوٽن تي حملو ڪيو تہ سڄو لشڪر تڪبر کان چوندو ھو تہ ڪپڙي اٽندڙن، (يعني دائود پوٽن) کي ڪھڙي طاقت آهي، جو اسان سان مقابلو ڪن؟ مگر تڪبر ۽ غرور جي ڪري شڪست کائي شرمندا ٿي واپس موٽيا هئا:

تکبر بود مايد مدبری
تکبر بود اصل بد گوہری

(تڪبر بدبختي جي موڙي آهي، تڪبر بيڙي بنياد جي پاڙ آهي)

تکبر عزازيل را خوار کرد
بزندان لعنت گرفتار کرد

(تڪبر شيطان کي خوار ڪيو، ۽ لعنت جي قيد خانہ ۾ قابو ڪرايو)

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٻئي سال جڏهن مير مذكور جي لشكر وري دائود پوٽن تي كاهه كئي، تڏهن ڊڄندا ڈكندا ۽ الله تعاليٰ كان دعا گهرندا ۽ فقيرن كان دعا كرائيندا ويا، ان كري ٻئي سال انهن تي كاميابي لڏائون.

نقل 33: حافظ عمر (نصرپور جو رهندڙ) چيو ته حضرت پير سائين جن فرمايو ته هڪ فقير كبڙ مان پيرون چوندي كاڏا ٿي، اتفاقاً هڪ ٽاري ڏانهن هٿ وڌايائين ته ٽاريءَ مان هڪ نانگ كاوڙجي پڇ لوڏيو، فقير چيو ته اي ٻائو! پڇ وٽ، هي وڻ تنهنجو ٿيو، آئون ٻي وڻ مان وڃي كائيندس اي عزيز! طالب كي گهرجي ته جيكو ان سان دعويٰ كري، تنهن سان همسري نه كري بلكه پنهنجي دعويٰ كي بلكل ڇڏي ڏي، ڇو ته دعويٰ هستيءَ ۾ هوندي آهي، جنهن كي حق جي معرفت هوندي ان كان دعويٰ كريل آهي ۽ پير سائين جن هي سنڌي بيت پڙهندا هئا:

داد و دعويٰ دور كرين دعويٰ دن كٽ، كتني سوداگر چل ڳئي
اس پاساركي هٽ، پولاكس نه توليا، هر كس توليا گهٽ

نقل 34: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن كي عرض كيم ته حضرتا! لسي پيئڻ جو شوق اصل كان آهي، رات جو به دل مان نڪو وڃي، عجب آهي جو اوهان جي حضور ۾ به نڪو بدلجي پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته اسان كي به لسي پيئڻ جو شوق آهي، ايتري قدر جو رات جو سومهٽي نماز كان پوءِ، حويلي مان كڍي لسي گهرائي پيئندو آهيان ۽ ٻيو شوق كتابن وڻڻ جو هميشه دل تي بينل هوندو آهي.

نقل 35: خليفو ميان لقمان نقل كري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته اسان كي ويسر تمام گهٽي آهي، ويسر جا سبب هڪ گهٽا خيال ٻيو بيخودي ٿيون پيري، اسان كي دل ۾ خيال ته اچن ئي كونه ٿا ۽ بيخودي جنهن كي الله تعاليٰ نصيب فرمائي شايد هي سبب، اثر پيريءَ جو آهي.

اي عزيز! پاڻ كريمن جو هي فرمان، ٻانهي كي هئين سمجهه ۾ اچي ٿو، ته اها ويسر حق جي شهود جي غلبي ۽ استغراق كان هئي پر پاڻ كسر نفسي جي كري پيريءَ ڏانهن نسبت فرمائي اٿن ڇو ته هن فقير كيترا ڀيرا ڏٺو ته جيكڏهن كو ماڻهو روبرو وينل هوندو هو، ۽ ٻيو پاسي ۾ وينل هوندو هو ته پاسي واري كان پڇندا هئا، ته فلاڻو كٿي آهي؟ حالانك اهو اڳيان روبرو وينل هوندو هو.

نقل 36: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ ڪارياڻي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، پاڻ وضو كرڻ جي خيال سان جهنگل ڏانهن (جيكو كجهه پرپرو هو) روانا ٿيا، ٻانهو كؤنرو پريو پويان ويو پي، موسم مينهن جي هئي، سو ان جهنگل ۾ مينهن اچي ويو، ٻانهي پنهنجي چادر پير سائين جن كي ڏكائي ۽ پاڻ رحم فرمائي ٻانهي كي چادر جي هيٺان پاڻ سان گڏ لكايو ۽ جلدي جلدي اوطاق تي آيا، اتي به مينهن كان بچڻ جي جاءِ نه هئي هڪ گوڏ كان سواءِ فقيرن جا ٻيا سيئي كپڙا گڏ كري انهن جي مٿان ٽل جيكو خاص مينهن كان بچڻ جي واسطي تيار كيو ويو هو، اهو پنهنجي مٿان وجهي كٽ تي چڙهي وينا ۽ فقيرن جا كپڙا به ان ۾ محفوظ فرمايائون. جڏهن مينهن بس كئي، تڏهن ٻانهي

سكندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

عرض ڪيو تہ حضرتا! زمين سڄي گپ ٿي ويئي آهي نماز ڪيئن ادا ٿيندي پوءِ فرمايائون تہ حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي زماني مبارڪ ۾ هڪ دفعي تمام گهٽو مينهن پيو هو، جو زمين سڄي گپ ٿي ويئي جنهن ڪري حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ اڄ پنهنجي خدا کي گپ ۾ سجدو ڪنداسون پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اڄ اسان بہ حضور ﷺ جن جي تابعداري ۾ پنهنجي خداوند کي گپ ۾ سجدو ڪريون ٿا! ان کان پوءِ سڄي جماعت کي گپ ۾ نماز ادا ڪرايائون، جو سجدي ڪرڻ وقت مڙني کي منهن، وات ڏاڙهي تي گپ جا نشان ٿي پيا!.

نقل 37: حضرت پير سائين بنگلي ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ ڪنهن معتبر فقير کان نقل فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن مسجد شريف کان حويلي مبارڪ ڏانهن ويا پئي مسجد جي ٻاهران چٽن جون ڪلون گڏ ٽيل ڏنائون پاڻ ڪسر نفسي جي ڪري ڪجهہ پنهنجي هٿ سان ڪٽي ڪائڻ فرمايائون ۽ ارشاد ڪيائون تہ ماڻهو بک ۾ هنن کي بہ ڪائيندا آهن پر ڏوَ ۾ ڇڏي ڏين ٿا.

نقل 38: يعقوب فقير ڏيڻو خليفي ميان غازي خان تالپر کان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ڪوهستان جي سفر تي چڙهيا هئا، ان سفر ۾ حرم پاڪ بہ ساڻن گڏ هئا هڪ جاءِ تي جڏهن جماعت پنهنجين جاين تي آرام سان ويهي رهي، ان وقت پاڻ بذات خود جماعت کان لڪي جهنگل مان ٻارڻ جي ڪاڻين جي ڀري ڪٽي آيا ڪنهن بہ فقير کي ان لاءِ فرمان نہ ڪيائون.

نقل 39: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ڪنهن نوئي سيد جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا، جنهن ڪڏهن بہ دعوت ڪونہ ڪئي هئي، سيد صاحب پير سائين جن جي خادم فقير الهداد فقير کان، پاڻ ڪريمن جي طبيعت موافق طعام جي مخفي طرح پڇا ڪئي؟ پير سائين جن پري کان سمجهي، ڏاڍيان فرمايائون تہ اي سيد سڳورا مان وڏو مشائخ نہ آهيان، فقير ماڻهو آهيان جيڪي ملي ٿو، اهو ڪائينداسون ۽ آئون پنهنجي گهر ۾ ماني ۽ مُنڱ پچرائي ڪائيندو آهيان هن وقت بہ جيڪي الله تعاليٰ آسان ڪيو هجي اهو بهتر آهي.

نقل 40: هڪ معتبر راوي کان نقل آهي تہ هڪ دفعي قدرت الاهي سان ٻہ ٽي سال لاڳيتا مينهن نہ پيو، جنهن ڪري خلق تنگ اچي ويئي هئي هڪ ڏينهن هڪ عورت حضرت پير سائين جن کي عرض ڪيو تہ حضرتا! اڳين بزرگن ماڻهن کي ڪرامتون ڏيکاريون ٿي، ۽ حضرت جن اڳين پوين جا وسيلا آهن ڇا ٿيندو جيڪڏهن ڪرامت سان مينهن جو پاڻي جاري فرمايو ۽ ماڻهو ۽ حيوان سڀ خوشحال ٿين؟ جواب ۾ فرمايائون تہ اي ماءُ! اهو لاڏ يعني ناز اسان ڪڏهن نہ ڪيو آهي پر توهان الله تعاليٰ جي دربار ۾ گريو ۽ زاري ڪريو اسان بہ زاري ۽ گريو ڪريون ٿا، شايد ارحم الراحمين کي رحم اچي ۽ مخلوقات تنگيءَ کان آزاد ٿئي؟

نقل 41: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن سواري جي وقت ڪمر پٽو ٻڌايو ۽ جيڪا چادر آرام

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

وقت هينان وڃائيندا هئا اها به ڪمر پٽي مٿان ٻڌايائون ٿي ان وقت مون عرض ڪيو ته حضرتا! ٻانهي کي ڏيو ته کٽي هلان؟ پاڻ فرمايائون ته اسان کي به هٿ آهن پاڻ ٿا کٽون.

نقل 42: حسن علي فقير نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن درگاهه مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر ٿيس ته ان وقت جوش ۽ بيخبريءَ ۾ ٻانهي جا پير، پاڻ ڪريمن جي چادر مبارڪ تي اچي ويا ۽ پيرن جي مٽيءَ جا نشان ان تي بيهي رهيا، انهن کي ڏسي مٽي ڇنڊڻ لاءِ جان هٿ وڌايم، ته پاڻ منهنجن ٻنهي هٿن کي پنهنجي هٿن مبارڪن سان قابو ڪري، فرمايائون ته اسان توکان وڌيڪ سڻي نموني سان ڇنڊيندا سون ٻه ٽي دفعا عرض ڪيم، پر هرگز ڇنڊڻ نه ڏنائون پوءِ پنهنجن هٿن مبارڪن سان چادر کي ويڙهي بغل ۾ ڪيائون ۽ فرمايائون ته طالبن جي پيرن جي مٽي اسان کي ڏاڍي پسند آهي

اي عزيز! هتي حاجي شريف زندني رحمة الله عليه جو نقل ڏاڍو موافق آهي جو حاجي صاحب چشتي سلسلي ۾ وڏن مشائخن مان آهي ۽ هڪ واسطي سان حضرت خواجه معين الدين حسن سنجري چشتي اجميري سان لڳي ٿو انهيءَ کان جڏهن خدا جا طالب موڪلائيندا هئا، تڏهن انهن جي پيرن جي خاڪ کٽي منهن مبارڪ تي مليندو هو ۽ الله تعاليٰ کان دعا گهرندو هو ته يا خدا! هنن طالبن جي قدمن مبارڪن جي خاڪ جي طفيلي حاجي کي هن جماعت مان ڪر؟

نقل 43: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن، مائي ڪپوري جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، اُتي گهٽن فقيرن پير سائين جن سان گڏجي طعام کاڌو پئي ۽ بين فقيرن سندن اڳيان بيهي پي کاڌو ۽ ٻوڙ جا ڇنڊا سندن ڪلهن مبارڪن ۽ ڪپڑن پاڪن تي ڪريا ٽي، مگر پير سائين جن ناراض ٿيڻ بجاءِ خوشيءَ مان مرڪي رهيا هئا.

فصل ستون

ورد ۽ وظائف

نقل 1: سيد مرتضيٰ علي شاه پاندره جو رهندڙ (اها ديهه ڪڇ ۾ آهي) نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن فرمايو، جيڪڏهن ڪو ماڻهو سفر جو ارادو ڪري ۽ پاڻ سان ٿمر نه هجيس ته سوار ٿيڻ وقت هڪ پير رڪيب ۾ وجهي، سوره قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ، سوره اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ، سوره قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ، قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ، قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۽ سوره فاتحه، هر هڪ سورة جي اول ۽ آخر ۾ هڪ هڪ ڀيرو بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهي ۽ پوءِ ٻي رڪيب ۾ پير وجهي ته الله تعاليٰ ان کي محتاجي کان انهيءَ سفر ۾ امن ڏيندو.

نقل 2: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ شخص فاروقي قوم جو غريبي ۽ گهٽي عيال کان پريشان هو، انهيءَ خواب ۾ ڏٺو ته هاتف چئي رهيو آهي ته قادري باغيچه جي صاحب وٽ وڃ، اتان تنهنجي مشڪل آسان ٿيندي جڏهن سجاڳ ٿيو، تڏهن پريشاني وري ان کان به وڌيڪ پيدا ٿيس، آخر جوبنده يابنده (جنهن ڳوليو ان لڌو) ۽ "مَنْ طَلَبَ شَيْئًا وَّ جَدَّ وَجَدَ" (جنهن شيءِ کي کوشش سان ڳوليو انهيءَ پاتو) پوءِ ڪنهن ماڻهو ان کي چيو ته سائيدي سيدن واري ۾، هڪ ڪامل ولي يعني حضرت ميان صاحب قادري ۽ باغيچي جو صاحب آهي، انهيءَ خبر ٻڌڻ شرط اهڙو خوش ٿيو، جڏڪ عيد جو ڏينهن اچي ويو هجيس سو جلدي جلدي سندن حضور ۾ حاضر ٿي، عرض ڪيائين ته حضرتا! ٻانهو تمام گهٽو مفلس ۽ عيالدار آهي ۽ گهٽي بک جي ڪري رات ڏينهن پريشان آهي، تنهن ڪري اهڙي عنايت ٿئي جو انهيءَ وبال کان ڇوٽڪارو لهي آسودو ٿيان؟ حضرت ميان صاحب جن جواب ۾ فرمايو ته اسان ڪجهه به نٿا ڄاڻون پر منهنجي مرشد مربي حضرت شاه عبدالقادر حسني عنايت فرمائي قدم مبارڪ ٻن ڪلهن جي وچ تي (جيڪو ابن ڏاڏن کان هر هڪ اولاد تي رکيو ويندو هو، اهو) رکي، ان وقت قادري خزاني مان سورة ياسين جو اذن فرمايائون مون ان جي زڪوات ڪونه ڪڍي آهي، پر توکي ياسين جي زڪوات جو اذن ڏيان ٿو پوءِ اهو شخص فقط اجازت ملڻ شرط، مسڪيني جي وبال کان ڇوٽڪارو لهي جلد ئي شاهوڪارن مان ٿي پيو.

نقل 3: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته جن ڏينهن ۾ حضرت امام سڳورا حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين ڄاوا، تڏهن حضرت بيبي خاتون جنت ڪي حضرات امامن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سڳورن ۽ حضرت علي شير خدا جن جي خدمت ڪرڻ ۽ طعام وغيره پچائڻ ڪري، وجود مبارڪ تي سستي ٿيندي هئي ۽ جيئن ته حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي عادت مبارڪ هيءَ هئي، جو پنجاهه ماڻهن جو قوت هر روز مسڪينن ۽ غريبن کي ڏيندا هئا ۽ حضرت خاتون جنت ، حضرت ام المؤمنين عائشہ صديقہ جي طرف پيغام موڪليو ته حضور ﷺ جن کي اطلاع عرض ڪجو ته هڪ ماڻهوءَ جيترو طعام عنايت فرمائن ته حضرت حسين رضي الله عنه کي ڪارائجي ۽ آئون الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿيان؟ تقسيم جي وقت حضرت ام المؤمنين اهو عرض حضور ﷺ جن کي پيش ڪيو پاڻ طعام تقسيم ڪرڻ ۾ مشغول هئا، ان وقت ڪوبہ جواب نہ فرمايائون پر طعام تقسيم ڪرڻ کان پوءِ بيبي خيرالنساءِ جي گهر ۾ تشريف فرما ٿيا حضرت بيبي صاحبہ ۽ حضرت علي ٻئي هڪ ئي ڪٿ تي وينا هئا، انهن اٿڻ جو خيال ڪيو پر حضور ﷺ جن اٿڻ کان منع فرمايائون ۽ پاڻ اچي ٻنهي جي وچ ۾ ويهي رهيا ۽ حضرت بيبي صاحبہ کي فرمايائون ته اي پياري! هي وظيفو هميشہ سمجهڻ جي وقت پڙهي سمهندي ڪر عبادت ۾ ڪڏهن بہ سستي نہ ٿيندي ۽ طعام بہ گهٽو ٿيندو وظيفو هي آهي: ٽيٽيهہ دفعا سُبْحَانَ اللهِ، ٽيٽيهہ دفعا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ۽ ٽيٽيهہ دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ ۽ هڪ دفعو ڪلمہ شهادت.

نقل 4: حضرت پير سائين جن احمد فقير نظاماڻي کي نصيحت وعظ ڪندي فرمايائون ته جيڪو ڏهہ ڀيرا ڪلمو توحيد جو فجر ۽ شام جي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ ورد ڪندو ان کي الله تعاليٰ قبر جي تنگيءَ کان امن ۾ رکندو.

نقل 5: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو ته جيڪڏهن ڪوبہ وظيفو پاڻ تي مقرر ڪجي ته ان کي هميشہ لازم سمجهي ۽ ڪڏهن بہ ناغو نہ ڪري جيڪڏهن سستي ڪندو ته گويا پهريان الله تعاليٰ جي ذات سان مخلص ٿي وري مخالف ٿيو آهي.

نقل 6: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ هڪ وظيفي تي هميشگي ڪئي ۽ ڪڏهن بہ ان کان وظيفو پڙهڻ نہ وسريو، پوءِ بيماري جي سختي وارن ڏينهن ۾ الله تعاليٰ ان جو ثواب ان کي عطا ڪندو ۽ ملائڪن کي حڪم ٿيندو ته هن ٻانهي کي سخت بيماري جي ڪري وظيفو چڏڻو پيو نہ ڪنهن نفساني غرض جي ڪري ان ڪري ڪيس پورو اجر عطا ڪيو وڃي.

نقل 7: حضرت پير سائين جن جي بعضي وقتن ۾ هي عادت مبارڪ هوندي هئي جو فرضي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ دعائون گهرائي اٿندا هئا تي ٿي ڀيرا ڪلمو طيب اٿڻ وقت ڏاڍيان پڙهندا هئا.

نقل 8: احمد فقير ناهيو نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن جمعي جي ڏينهن ممبر تي بيهي وعظ ۾ حديث شريف بيان فرمايائون ته جيڪو ياسين سورت هميشہ پڙهندو، پوءِ اهو جڏهن فوت ٿيندو ۽ ان کي قبر ۾ دفن ڪندا ۽ الله تعاليٰ جي حڪم سان پڇڻ لاءِ فرشتا ايندا ان وقت سورت ياسين

فوتي جي سيني تي ويهي رهندي پوءِ فرشتا ان کي چوندا تہ اي سورت ياسين! هن ميت جي سيني کان پري ٿيءُ تہ اسان ان کان سوال جواب پڇون پوءِ سورت ياسين چوندي تہ جيستائين هن کي بهشت ۾ وڃي نہ ويندیس، تيستائين ان کان جدا نہ ٿيندیس چو تہ اهو مون کي هميشہ پڙهندو هو. ان جو مون تي حق آهي پوءِ فرشتا الله تعاليٰ جي دربار ۾ سورت ياسين جو ميت جي سيني تي ويهڻ ۽ ان جي سوالن کان منع ڪرڻ ۽ جنت ۾ داخل ڪرڻ جي حقيقت پيش ڪندا پوءِ جواب ايندو تہ سورت ياسين کي چئو تہ الله تعاليٰ جي حڪم سان هن ميت جي سيني تان لهي وڃ ان کان بعد سورت ياسين فرشتن کي چوندي تہ اي فرشتؤ! منهنجي طرفان الله تعاليٰ جي دربار ۾ عرض ڪريو تہ اي خداوندا! جيڪڏهن آئون واقعي تنهنجي قرآن شريف جي سورت آهيان تہ مون کي هن ميت کان جدا نہ ڪر ۽ هن کي جنت نعيم ۾ پهچاءِ ورنہ مون کي قرآن ڪريم مان باهر ڪڍي ڇڏ؟ فرشتا جڏهن سورت ياسين جو اهو عرض الله تعاليٰ جي دربار ۾ پهچائيندا. تڏهن الله تعاليٰ جي رحمت جو درياه جوش ۾ اچي ويندو ۽ فرشتن کي حڪم ٿيندو تہ سورت ياسين جي رضامندي لاءِ پهريان ميت جي قبر هر طرف هڪ هڪ ميل ڪشادي ڪريو ۽ بهشتي شمعن، جنتي بسترن ۽ نوراني فرش سان سينگاريو ۽ ستر حورون بہ ان سان گڏ رکو ۽ ان جي قبر ۾ بهشت جي طرفان دريچو کولي ڇڏيو تہ بهشتي بهارين ۾ محظوظ ۽ محفوظ ٿئي.

نقل 9: سيد مرتضيٰ علي شاه نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ٻانهي کي فرمايو تہ جيڪڏهن ڪو واٽ ويندڙ پلجي وڃي تہ ان وقت ست دفعا بانگ ڏي تہ بانگ جي صدقي الله تعاليٰ ان کي واٽ ڏيکاريندو چو تہ واٽ کان پلجڻ شيطان جي اثر کان آهي ۽ بانگن ٻڌڻ شرط شيطان تڻون ڏيئي پڇي ويندو پوءِ هڪ ڏينهن ٻانهو درگاه مبارڪ جي زيارت لاءِ آيو پي تہ پٽ شاه عبدالطيف (رحمۃ اللہ علیہ) جي پرسان مون کان واٽ گم ٿي (پلجي) ويئي. پوءِ پير سائين جن جي فرمان موجب بانگون ڏنم ايان ڏهه ويهه قدم مس هليس تہ واٽ هٿ اچي ويئي ۽ منزل ڏانهن راهي ٿيس.

نقل 10: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن کي لاڙ جي سفر ۾ صاحبزادن جي بيماري ڪري گهٽا ڏينهن لڳي ويا هئا، تہ پاڻ اتي هنن لفظن مبارڪن پڙهڻ جو حڪم فرمايائون "بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِیْ لَا یَضُرُّ مَعَ اِسْمِهٖ شَیْءٌ فِی الْاَرْضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْمُ" فجر نماز ۽ شام جي نماز کان پوءِ پنج پنج پيرا پڙهندا رهو فرمايائون بابا! توهان جي ناساز طبيعت ڪري خلق ۾ خوبي نہ ٿيندي ۽ متين لفظن مبارڪن جي پڙهڻ ڪري ڪنهن کي بہ تڪليف نہ پهچندي.

نقل 11: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪنهن کان مقرر ورد وسري وڃي تہ اهو: "سُبْحَانَ اللّٰهِ عَدَدَ مَا خَلَقَ" کي هڪ سؤ دفعا ورد ڪري تہ قضا ورد ادا ٿيندو ۽ ان کي اوترو ثواب ملندو.

نقل 12: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ

ڪنهن مريد حضرت ميان صاحب جن کي عرض ڪيو تہ ٽيٽيهو هڪ هٿ تي پڙهجي يا ٻنهي تي؟ حضرت ميان صاحب جن جواب ۾ فرمايو تہ ساڄي هٿ تي پڙهڻ گهرجي ان فقير وري هڪ ملان کان اهو مسئلو پڇو؟ ان ملان چيو تہ ٻنهي هٿن تي هميشہ پڙهجي ان کان پوءِ وري ان فقير حضرت ميان صاحب جن کي اچي عرض ڪيو تہ حضرتا هڪ ملان هيئن چوي ٿو حضرت ميان صاحب فرمايو تہ ڇا توکي اسان اهو ٻڌايو نہ هو جو تو اجايو مسئلي کي خارستان ۾ وجهي ڇڏيو. تون ملان جي ڳالهہ کي ڪن نہ ڏي سڄي هٿ تي وظيفو پڙهندو ڪر.

نقل 13: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن کان سوال ڪيم تہ حضرتا! جيڪو ٻہ وظيفو حضرت مرشد ڪريم جو هجي ان کي بغير اجازت جي پڙهي سگهجي ٿو يا نہ؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ نبوي وظيفي ۽ مرشد جي وظيفي ۾ ڪما حقہ تحقيق ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن يقين نہ ٿئي تہ ٻہ اجازت تہ آهي پر غير مسنون وظيفو نبي ڪريم ﷺ جن جو يا حضرت مرشد ڪريم جو بغير اجازت پڙهڻ نہ گهرجي.

سندن پنج وقتي وظيفا

حضرت پير سائين جن جا اهي وظيفا جيڪي تهجد نماز کانپوءِ ۽ هر فرض نماز کان پوءِ پڙهندا هئا.

وضو ڪرڻ کان پوءِ مصلي تي ويهي ڏهہ ڀيرا: اَللّٰهُ اَكْبَرُ. ڏهہ دفعا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ڏهہ دفعا سُبْحَانَ اللّٰهِ وَ بِحَمْدِهٖ. ڏهہ دفعا سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ. ڏهہ دفعا اَسْتَغْفِرُاللّٰهَ. ڏهہ دفعا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ. ڏهہ دفعا اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِكَ مِنْ ضَيْقِ الدُّنْيَا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ. پڙهندا هئا ان کان پوءِ اٺي ڇهہ نفل تهجد جا پڙهندا هئا. پوءِ ويهي ٻارهن دفعا آيت شريف: اِنَّ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ (آخر تائين). ڏهہ دفعا آيت شريف: اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ (آخر تائين) ۽ سو دفعا: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ وَتُبْ عَلَيَّ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ. سو دفعا اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنِّيْ چاليهہ دفعا: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ سُبْحَانَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ پنج دفعا سيد الاستغفار ۽ هڪ دفعو وڏو استغفار پڙهندا هئا!

فجر جي وقت: سنت ادا ڪرڻ کان پوءِ فرض کان اڳ: ايڪيتاليهہ دفعا سورت فاتحہ. فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ پير ڦيرائڻ کان اڳ، ٽي دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ. ٽي دفعا اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ. هڪ دفعو اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَ مِنْكَ السَّلَامُ وَاِلَيْكَ يَعُوْدُ السَّلَامُ تَبَارَكْتَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ. ڏهہ دفعا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ پوءِ پير ڦيرائي هڪ دفعو آيت الڪرسي، ٽيٽيهہ دفعا سُبْحَانَ اللّٰهِ، ٽيٽيهہ دفعا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ، ٽيٽيهہ دفعا، اَللّٰهُ اَكْبَرُ ۽ هڪ دفعو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ پڙهندا هئا ان کان پوءِ ستاويهه دفعا اللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ. ويهه دفعا سورت اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ. ويهه دفعا رَبِّ اغْفِرْلِيْ وَتُبْ عَلَيَّ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَفُوُّ الْغَفُوْرُ. ايكويهه دفعا بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ. ويهه دفعا اللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ پڙهندا هئا. ان کان پوءِ تي دفعا بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِيْ لَا يَضُرُّ مَعَ اِسْمِهٖ شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ. تي دفعا اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ. تي دفعا سَلَامٌ عَلٰى نُوْحٍ فِي الْعَالَمِيْنَ. تي دفعا اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّاتِ مِنْ غَضَبِهٖ وَ عِقَابِهٖ وَمِنْ شَرِّ عِبَادِهٖ وَمِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِيْنِ اَعُوْذُبِكَ اَنْ يَّحْضُرُوْنِ پڙهندا هئا. پوءِ سورت قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ. اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ. قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ. قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ. قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ. بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ سان هڪ هڪ دفعو پڙهندا هئا.

اشراق جي وقت: ۾ نفل اشراق جا ۽ ۾ نفل ضحيٰ جا پڙهندا هئا. ان کان پوءِ اللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ وَتُبْ عَلَيَّ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ پڙهندا هئا. پوءِ ۾ رکعتون استخاره جي نفل جون پڙهندا هئا ۽ سلام کان پوءِ استخاره جي دعا پڙهندا هئا.

ٻيهري جي وقت: ٻيهري نماز جي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ، تي دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ ، تي دفعا اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ، هڪ دفعو اللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَ مِنْكَ السَّلَامُ وَ اِلَيْكَ يَعُوْدُ السَّلَامُ تَبَارَكْتَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ! هڪ دفعو آيت الڪرسي پڙهندا هئا. ان کان بعد سنتون ادا ڪري تيٽيهه دفعا سُبْحَانَ اللّٰهِ، تيٽيهه دفعا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ، تيٽيهه دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ ۽ هڪ دفعو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ، ويهه دفعا سورت فاتحه. ويهه دفعا رَبِّ اغْفِرْلِيْ وَتُبْ عَلَيَّ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَفُوُّ الْغَفُوْرُ. ايكويهه دفعا بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۽ ويهه دفعا اللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ.

ٽيهري جي وقت: ٽيهري نماز جي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ، تي دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ ، تي دفعا اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ ، هڪ دفعو اللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَ مِنْكَ السَّلَامُ وَ اِلَيْكَ يَعُوْدُ السَّلَامُ تَبَارَكْتَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ.

شام جي وقت: مغرب نماز جي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ، تي دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ ، تي دفعا اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ، ۽ هڪ دفعو اللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَ مِنْكَ السَّلَامُ وَ اِلَيْكَ يَعُوْدُ السَّلَامُ تَبَارَكْتَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ پڙهي، ڏهه دفعا ڪملو توحيد پڙهندا هئا. ان کان پوءِ هڪ دفعو آيت الڪرسي، تيٽيهه دفعا سُبْحَانَ اللّٰهِ، تيٽيهه دفعا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ، تيٽيهه دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ ۽ هڪ دفعو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ پڙهندا هئا ان کان پوءِ ستاويهه دفعا اللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ. ڏهه دفعا سورت فاتحه. ويهه دفعا رَبِّ اغْفِرْلِيْ وَتُبْ عَلَيَّ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَفُوُّ الْغَفُوْرُ . ويهه دفعا اللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ پڙهندا هئا. ان کان پوءِ استخاره جو نفل پڙهي استخاره جي دعا پڙهندا هئا. ان کان پوءِ تي دفعا بِسْمِ اللهِ الَّذِيْ لَا يَضُرُّ مَعَ اِسْمِهٖ شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ. تي دفعا اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ. تي دفعا سَلَامٌ عَلٰى نُوْحٍ فِي الْعَالَمِيْنَ. تي دفعا اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَّاتِ مِنْ غَضَبِهٖ وَ عِقَابِهٖ وَ شَرِّ عِبَادِهٖ وَ مِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِيْنِ وَاَعُوْذُبِكَ رَبِّ اَنْ يَّحْضُرُوْنِ پڙهندا هئا ۽ پوءِ سورت قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ، اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللهِ، قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ، قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ، قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ، بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ سان هڪ هڪ دفعو پڙهندا هئا.

سومهٽي جي وقت: سومهٽي نماز جي وقت سنت ادا ڪرڻ کان پوءِ ۽ فرض کان اڳي، سو دفعا سُبْحَانَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ سو دفعا سُبْحَانَ اللهِ عَدَدَ مَا خَلَقَ، چاليهه دفعا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ سُبْحَانَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ پڙهندا هئا. فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ تي دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ ، تي دفعا اَسْتَغْفِرُ اللهَ ۽ هڪ دفعو اللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَ مِنْكَ السَّلَامُ وَ اِلَيْكَ يَعُوْدُ السَّلَامُ تَبَارَكْتَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ پڙهي، ٽيٽيهه دفعا سُبْحَانَ اللهِ، ٽيٽيهه دفعا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ، ٽيٽيهه دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ ۽ هڪ دفعو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ، ويهه دفعا سورت فاتحه، ويهه دفعا رَبِّ اغْفِرْلِيْ وَتُبْ عَلَيَّ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَفُوُّ الْغَفُوْرُ، ايڪويهه دفعا بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ، ويهه دفعا اللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ صلواة پڙهندا هئا سمهڻ وقت وضو تازو ڪري، هڪ دفعو سورت ياسين، ٽيٽيهه دفعا سُبْحَانَ اللهِ، ٽيٽيهه دفعا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ، چوٽيهه دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ، تي دفعا سورت اخلاص، هڪ دفعو مُعوّذتين (يعني قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۽ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ) پڙهي پنهنجي بدن تي شوڪاري سڄي پاسي،قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي پوندا هئا پڙ هي دعا: بِاسْمِكَ رَبِّيْ وَضَعْتُ جَنْبِيْ فَاغْفِرْلِيْ ذَنْبِيْ اَسْتَغْفِرُ اللهَ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ وَاَتُوْبُ اِلَيْهِ پڙهندا هئا ۽ ننڊ کان سجاڳ تي، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَحْيَانِيْ بَعْدَ مَا اَمَاتَنِيْ وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ پڙهندا هئا.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

باب چوڏهون

هن باب ۾ چار فصل آهن.

فصل پهريون
عالمن ۾ فرق

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو تہ هڪ ماڻهوءَ پنهنجي نڪاح ۾ ڪنهن عورت کي آندو، پر ان عورت ڏانهن همبستري جو ڪڏهن بہ خيال نہ ڪيائين، جنهن ڪري زال سمجهيو تہ مڙس کدڙو آهي ۽ انهيءَ ڪم جو ماڻ کي ٻڌائڻ ڪانسواءِ ڪوبہ علاج نہ ڄاتائين پوءِ هڪ ڏينهن ڪنهن بهاني سان پنهنجي مڙس کي ماڻ پيئڻ ڏانهن وڻي هلي، اتفاقًا وات تي نر شينهن کي ڏٺائون، مرد پنهنجي مرداني همت سان شينهن کي ماري ان جو پڇ ۽ ڪن ڪٽي پاڻ وٽ رکيائين ۽ زال کي چيائين تہ شينهن مارڻ جي ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪجانءِ ورنہ توکي بہ ائين قتل ڪندس. زال جڏهن ماڻ پيئڻ جي گهر پهتي، تڏهن انهيءَ پنهنجي مڙس متعلق ان جي کدڙي هجڻ جو گمان ماڻ پيئڻ کي ٻڌايو، اهو ٻڌي ان جي پيئڻ پنهنجي نانيءَ (نياڻي) کي هڪ خونخوار نانگ جي مقابلي ڏانهن موڪليو، جيڪو هر روز شهر مان هڪ ماڻهو کائي ويندو هو، زال جي پيئڻ جي نيت هئي تہ جيڪڏهن هن کي نانگ کائي وڃي تہ چوڪري ماسات کي پرٽائي ڏيان ۽ انهيءَ راز کان چوڪريءَ کي بہ هن آگاهہ ڪري ڇڏيو هئائين، اوچتو قضا الهٰي سان ماسات جيڪو چوڪريءَ جو مڙس ٿيٽ وارو هو، تنهن ان رات هڪ ڪوئي کي ڏڪ هڻي ماريو هو، جنهن ڪري نچندو ڇوي پيو تہ مون ڪوئو ماريو آهي، زال ان جي تنگ ظرفي کي ڏسي دل ۾ خيال ڪيو تہ:

از موش کش شیر کش اگرچہ مخنث است تا ھم بہتر است

(يعني ڪوئي مارينڊڙ کان شينهن مارينڊڙ ڀلو آهي توڙي کٽي اهو کدڙو آهي)

پوءِ ساڳي مڙس وٽ وڃي ڏنائين تہ نانگ کي ماري ڇڏيو اٿس ان ڪري تمام گهڻي محبت کان پنهنجي ڪپڙا لاهي اگهاڙي ٿي، ساٿس گڏ سمهي رهي پوءِ مرد ڪمال مردانگي ۽ طاقت سان ساٿس همبستري ٿيو، زال تمام گهڻو خوش ٿي ۽ نامرادي واري گذريل ويل عمر تي گهڻو افسوس ڪيائين ۽ پاڻ کي چيائين تہ هيتري مدت همبستري ۾ مڙس کي حجاب ان ڪري هو، جو بدن کان

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

کپڑا نٿي لاٿم. مون ۾ مڙس جي وچ ۾ کپڑا حجاب هئا، ورنہ منهنجو مڙس تمام طاقت وارو آهي. پير سائين جن هتي هڪ نڪتو بيان فرمايو تہ ڪامل پير بہ ان شينهن ماريندڙ مڙس وانگر آهي، جنهن جي طاقت حد کان ٻاهر آهي ۾ ڪوئو ماريندڙ مان مراد ظاهري عالم ۾ ظاهري عابد زاهد آهن جيڪي دنيا جي ٿوري مطلب تي خوش ٿين ٿا، ۾ زال مان مراد طالب ۾ کپڑا موهوم هستي آهي، ۾ بدن روح مطلق آهي پوءِ طالب اهي هستي وارا کپڑا جيستائين جدا نہ ڪندو تيستائين پير جي حقيقي طاقت کان خبردار نہ ٿيندو. جڏهن ان هستي جي لباس کان اگهاڙو ۾ بي حجاب ٿيندو. تڏهن پنهنجي پير جي طاقت ڏسندو ۾ اصلي مقصد کي پهچندو ۾ پڻ ظاهري عالمن جي ڳالهين تي نہ ڪبو.

نقل 2: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ سلطان العارفين بايزيد بسطامي رحمۃ اللہ علیہ ڪڏهن ڪڏهن هڪ شهر ۾ ويندو هو ۾ شهر جا ماڻهو شيخ سان محبت ڪندا هئا، ان شهر جي عالمن بادشاهہ کي ٻڌايو تہ هڪ فقير ڪڏهن ڪڏهن شهر ۾ اچي ماڻهن کي گمراهہ ڪندو آهي، جيڪڏهن اجازت ڏيو تہ چوڪرن کي چئون جو هن کي پٿر هڻي شهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏن تہ جيئن ٻي دفعي شهر ۾ نہ اچي ۾ ماڻهو سندس گمراهي کان بچي سگهن. بادشاهہ اجازت ڏني تہ جيڪي وٽيو سو ڪريو. توهانکي اختيار آهي. ظاهري عالمن شهر جي وڏن ننڍن چوڪرن کي گڏ ڪري شيخ کي پٿر هڻي مٿو زخمي ڪري وڌائون ۾ ان کي شهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون. پوءِ شيخ ڀڄي وڃي جهنگل ۾ پهتو. هوڏانهن ان جهنگل ۾ ابدالن مان چار ماڻهو شيخ کي ڳولي رهيا هئا ۾ انهن ڏٺو تہ هڪ وڏو نانگ بہ شيخ صاحب کي ڳولي رهيو هو. ابدالن نانگ کان پڇيو تہ ڪنهن جي ڳولا ۾ آهين؟ نانگ چيو تہ جنهن کي توهان ڳوليو ٿا مان بہ ان کي ڳوليان ٿو. انهن چيو تہ عارفن سان توکي ڪهڙي مناسبت ۾ معرفت؟ نانگ جواب ڏنو تہ مان توهان کان وڌيڪ انهن کي سڃاڻان ٿو ۾ توهان جي سڃاڻ بہ اهو آهي نہ جو اڄ ان شيخ کي پٿر هڻي زخمي ڪري، شهر مان ٻاهي ڪڍي ڇڏيو اٿو.

نقل 3: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ درياء جي هن طرف وارن ڪن عالمن سڳورن وٽ حضرت ميان صاحب جن ايندا ويندا هئا ۾ اُهي سڳورا بہ حضرت ميان صاحب جن جي گهڻي خدمت ڪندا هئا. تن سندن زبان مبارڪ کان ٻڌو هئائون تہ اسان جي اولاد مان هڪ مهدي پيدا ٿيندو. پوءِ انهن عرض ڪيو تہ حضرتا اسان کي بہ پنهنجي اولاد جي مهدي جي حوالي ڪريو حضرت ميان صاحب جن کين فرمايو تہ اهو مهدي زمان توهان کي چگي طرح سڃاڻيندو پوءِ پير سائين جن انهيءَ حقيقت کي تفصيل سان بيان ڪيو ۾ فرمايائون تہ پوءِ اسان انهن بزرگن جي ظاهري دلجوئي، انهن جي مرضي موجب گهڻي ٿي ڪئي سون، پر ڏٺوسين تہ اهي خشڪ ملان آهن ۾ حق جي طلب نٿا رکن.

نقل 4: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ جيڪي علم جا حرف پڙهيا هئا سون، اهي راهہ طلب ۾ مانع ٿيندا هئا جيئن هڪ بزرگ فرمايو آهي:

حرف کو کاغذ را سیاه کند
کے دل تیرہ را چو ماہ کند

(جيڪي حرف ڪاغذن کي ڪارو ڪري ڇڏيندا هئا، اهي وري ڪاري دل کي چند جهڙو ڪيئن ڪندا؟)

پر حضرت ڪامل مرشد جي پنهنجي چاقوءَ جهڙي توجهه سان دل جي پٽي تان هڪ ئي پيري اهي ميٽي ڇڏيائون.

اي عزيز! هتي ناصر الدين حضرت خواجه عبيد الله احرار رحمة الله عليه جي عبارت به شاهد آهي جو انهيءَ جي ملفوظات ۾ لکيل آهي ته ظاهر وارن جي صحبت محبت الاهي کان روڪيندڙ آهي ڇو ته انهن جي مٿان ظاهري علم جا احڪام غالب آهن، ان ڪري انهن مٿان حال غلبو نه ڪندو آهي ۽ پاڻ هي به فرمايو اٿن ته ظاهري عالم عابد زاهد، پوءِ به غنيمت آهن ۽ اسان انهن جا معتقد آهيون، پر اهي اسان جي طريقت سان مناسبت نٿا رکن جيئن هڪ بزرگ فرمايو آهي:

علم رسمی سربسر قیل است قال،
نہ ازو کیفیتے حاصل، نہ حال

(يعني ظاهري علم سراسر ڳالهيون آهي، نه ان مان ڪيفيت، نه ئي حال حاصل ٿئي ٿو)

علم نبود غیر علم عاشقی
مابقی تلبیس ابلیس شقی

(علم ته فقط عشق ۽ محبت وارو علم آهي، باقي سڀ ڪجهه ابليس بدبخت جو فريب آهي)

اهڙي طرح سيد محمد پٽ سيد جعفر المڪي رحمة الله عليه، جو اهو شيخ نصير الدين محمود چراغ دهلوي چشتي جي وڏن خليفن مان هو انهيءَ شيخ نظام الدين بدايوني (جنهن جو لقب سلطان المشائخ آهي) کان سندس قول پنهنجي ڪتاب بحر المعاني ۾ آندو اٿس ته: ظاهر وارن کي الله تعاليٰ سان اهڙي مناسبت آهي، جيئن ڪتي جي مسجد شريف سان! ۽ مولانا شرف الدين منيري رحمة الله عليه پنهنجي مڪتوبات ۾ آندو آهي ته: طالب کي گهرجي ته ظاهر وارن کان ائين ڀڄي جيئن هو شيطان لعين کان ڀڄي ٿو. اخبار الاخيار ۾ شيخ عبدالحق محدث دهلوي آندو آهي ته شيخ نجيب الدين رحمة الله عليه جيڪو شيخ شهاب الدين سهروردي جو چاچو ۽ حضرت غوث الثقلين رضي الله عنه جو مريد ۽ خليفو هو انهيءَ هڪ ڏينهن پنهنجي پائٽي شيخ شهاب الدين کي حضرت غوث الثقلين جي دربار ۾ آٽي عرض ڪيو ته حضرتا! منهنجي هن پائٽي ظاهري علم تمام گهٽو پڙهيو آهي ۽ ان تي محڪم عامل آهي، هن کي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

دعا فرمايو تہ باطني علم کان حصو ونڻي هدايت وارو ٿئي حضرت غوث الثقلين ان کي پنهنجي اڳيان ويهاري هٿ مبارڪ سيني تي رکي پڇيائون تہ ڪهڙا ڪتاب پڙهيا اٿئي؟ هو نالي وار چوندو ويو ٿي تہ اهي هن کان وسرندا ويس پئي. سيني پڙهيل ڪتابن جا نالا بيان ڪري ويو تہ سيئي ان جي دل جي پٽي تان بلڪل مٽجي ويا! ان کان پوءِ حضرت غوث الثقلين رضي الله عنه علم ظاهريءَ بجاءِ علم لدني کيس بخشيو چو تہ علم ظاهري علم باطني کانسواءِ پڙهڻ سنڌ عورت وانگر آهي جنهن کي بلڪل ٻار پيدا نہ ٿيندو ۽ ٽيٽوئي نہ آهي.

نقل 5: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن مثنوي شريف مان نقل بيان فرمايو تہ هڪ شخص جي گهر ۾ چور ڪاٺ هٽي مال چورائي ڪٽي ٿي ويو پوءِ گهر جو مالڪ چور جي پويان لڳي وڃي ڪيس ويجهو ٿيو ۽ ونڊ وارو هو تہ ايتري ۾ ڪنهن ٻي شخص ان کي پويان سڏ ڪيو تہ هيڏي اڇ تنهنجو مقصد ڏنو اٿم؟ جڏهن چور کي ڇڏي ان وٽ پهتو. تڏهن هن چيو تہ تنهنجي چور جو پير ڏنو اٿم پوءِ افسوس ڪري چيائين تہ مان چور کي گرفتار ڪرڻ تي هيس. تو مون کي فقط پير ڏيکارڻ لاءِ سڏ ڪيو آهي ان کان بعد پاڻ فرمايائون تہ ظاهر وارا بہ ائين آهن جو فقط پير جي نشان تي ٻينا آهن ۽ انهن طالبن کي جيڪي حقيقي مقصود جي طلب رکن ٿا ڏوکو ڏيو مقصد کان پري رکن ٿا.

نقل 6: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ بغير سببن جي دنيا جو ڪو ڪم نہ ٿيندو آهي، مثلاً هاري هر ڦار ۽ ڏاندن وغيره کانسواءِ پوک پوکي نہ سگهندو. هڪ جرار لشڪر جنگ جي هٿيارن کانسواءِ دشمن سان هرگز مقابلو ڪري نہ سگهندو. اهڙي طرح طالب کي پرهيز گاري، ذڪر، فڪر ۽ مجاهدي جي هٿيارن کانسواءِ ڪوبہ فائدو حاصل نہ ٿيندو ان جي مثان هڪ نقل شاهد آهي، تہ بہ شخص پاڻ ۾ گڏجي سفر ڪرڻ لڳا. هڪ کي ڏاڙهيءَ ۾ ڪجهہ وار هئا ۽ ٻيو ڏاڙهي کان بلڪل صاف هو اتفاقًا هي ٻئي لوطين جي ديهہ ۾ پهتا ۽ رات اتي رهي پيا. رات جو سمهڻ وقت بي ڏاڙهي مرد، لوطين جي خوف کان پنهنجي پنيان کانيون ۽ پٽر ڏيئي ڇڏيا ۽ ڏاڙهي وارو شخص بيفڪر ٿي سمهي پيو ڪجهہ رات گذرڻ کان بعد لوطين مان هڪ ماڻهو اچي ڏنو تہ بہ مسافر ستا پيا آهن جڏهن ان جي نظر ٿوري ڏاڙهي واري همراه تي پيئي، تڏهن ان کي ڇڏي، بي ڏاڙهي وٽ وڃي پهتو ۽ پٽر کانيون پري ڪري ان سان بري ڪم ۾ شروع ٿي ويو، يعني ان جي پٽرن ۽ کانين کيس ڪوبہ فائدو ڪونہ ڏنو (پير سائين جن ان جو ڪولي بيان فرمايو تہ) ٿوري ڏاڙهي واري مرد مان مراد ٿورو باطني فيض آهي ۽ لوطي مان مراد نفس آهي سو جنهن کي ٿورو بہ باطني فيض هوندو تہ اهو نفس جي حماقت کان امن ۾ رهندو. پر جيڪو ظاهري علم جي دليلن ۽ قياس تي کانين ۽ پٽرن واري مرد وانگر پاڻي ويهندو، اهو آخر نفس جي فريب هينان اچي ويندو.

نقل 7: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جيسلمير جي سفر تي روانا ٿيا هئا، آئون بہ ساڻن گڏ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هيس، جڏهن خير ڳڙهه قلعي وٽ پهتا، تڏهن پانهي عرض ڪيو ته حضرتا! ڪا اوليائن جي جماعت وحدت وجودي جي قائل آهي ۽ ڪا جماعت وحدت شهودي جي قائل آهي، اهو ڪيئن آهي؟ پاڻ ڪريمن فرمايو ته جيڪي حقيقت جا صاحب هئا، اهي پاڻ ۾ رمزون ڳالهائي سمجهي هليا ويا ۽ جيڪي هن حقيقت کان خالي آهن اهي حال کان بيحال فقط قيل قال ۾ ئي آهن انهن جو هي مثال آهي ته ٻه ماڻهو پاڻ ۾ گڏيا پي، انهن مان هڪڙو انڊو ۽ ٻيو سڄو هو، واٽ ۾ سڄي هڪ وڏي نانگ کي ڏسي حيرت ۽ عبرت ڪري چيائين ته مار نانگ ته ڏس، ڪيڏو وڏو نانگ آهي. انڊي چيو هائو يار ڦٽ ته ڏس ڪيڏي. آهيس سڄي مرد چيو ته تون نانگ ئي ڪونه ٿو ڏسين، نانگ جي ڦٽ ڪيئن ڏسين ٿو؟ انڊي چيو ته جيڪڏهن نانگ وڏو هوندو ته ان جي ڦٽ ٻه ضرور وڏي هوندي پوءِ پير سائين جن فرمايو ته بنا حال واري شخص جي ڳالهه ڪرڻ ٻه ائين آهي:

صائب حديث عشق شنيدن زاهل عقل
اوصاف يوسف ازلب اخوان شنيدن است

(صائب! عشق جي ڳالهه عقل وارن کان ٻڌڻ يوسف جي تعريف ان جي ڀائرن کان ٻڌڻ وانگر آهي)

نقل 8: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان فرمايو ته جڏهن الله تعاليٰ قيامت جي ميدان ۾ هر مسلمان کان عملن جو حساب ونئي پنهنجي وڏي مهربانيءَ سان جنت ۾ داخل ڪندو، تڏهن پانهن مان هڪڙو شخص الله تعاليٰ جي دربار ۾ عرض ڪندو ته اي پروردگار! مون کي پوک پوکڻ جو ارادو آهي. الله تعاليٰ فرمائيندو ته هتي پوکڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي، ٻيو جيڪي دل ۾ خيال ڪندين اهو اچي تو وٽ حاضر ٿيندو، اهو وري ٻه عاجزي سان عرض ڪندو ته مون کي دنيا ۾ پوک جي عادت هئي. هاڻي ٻه پوک پوکڻ گهران ٿو پوءِ الله تعاليٰ جو حڪم جاري ٿيندو ۽ اهو شخص پوک آباد ڪندو، سو اهو شخص جڏهن پوک پوکيندو ته ڦل ٻه انهيءَ وقت کٽندو. پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو اها اوليائن جي جماعت آهي جيڪي دنيا جي دار ۾ ئي بهشت ۾ آهين، اهي جيڪا ٻه عبادت جي پوک آباد ڪن ٿا، ان جو ڦل (شوق ۽ ذوق) بروقت حاصل ڪن ٿا ۽ انهن کان سواءِ عالم عابد زاهد هن دنيا ۾ بغير معرفت جي جيڪو ٻه عمل ڪن ٿا، سي پنهنجي حالي نقد کي رکت سان يعني آخرت جي نعمتن (حورو قصور وغيره) جي بدلي وکٽن ٿا اي عزيز! حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليه فرمايو آهي: هي روادار رکت جا هو هٿان هٿ گهرن.

اهي هن دنيا ۾ ئي الله تعاليٰ جي مشاهدي کان محروم آهن، سي اتي ڪيئن ڏسندا ۽ آيت شريف ٻه ٻڌائي رهي آهي: "مَنْ كَانَ فِيْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰى فَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ اَعْمٰى" (سوره بني اسرائيل: آيت ٧٢) يعني جيڪو هن دنيا ۾ انڊو آهي اهو آخرت ۾ ٻه انڊو هوندو حضرت شاه عبدالطيف ٻڌائي ٻه فرمايو آهي:

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جڙي جيئري، جن سين مئي پٽ سين تن
جي هت نہ هوت پسن، سي ڪنهن پر ڪيچ پسنديون

نقل 9: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ سڪندر بادشاھ چين ۾ روم جي نقاش ڪاريگرن کي گهرائي، انهن جي هنر جي امتحان وٺڻ لاءِ هڪ عمارت ٺهرايائين ۾ هڪ ڪمرو انهن جي حوالي ڪيائين ۾ ڪين رنگ وغيره ۽ ٻيو سامان سيئي مهيا ڪري ڏنائين ۾ ٻنهي ٽولن کي پٽين جا پاسا ورهائي ڏنائين انهن جي وچ ۾ پردو لٽڪرائي ڇڏيائين چين جا نقاش رنگن ۾ نقش ڪرڻ ۾ لڳي ويا، ۾ روم جا نقاش ديوار کي صفا ڪرڻ ۾ لڳي ويا يعني پاليش مالش وغيره ۾ مشغول ٿي ويا. چينين پنهنجي طرف کي ٺاهي تيار ڪري اڇي، عرض ڪيائون تہ اسان حڪم کي بجا آڻي ڪم پورو ڪيو سون، هاڻي بادشاھ هلي معائنو ڪري. ان وقت بادشاھ رومين کان پڇو تہ توهان پنهنجو پاسو تيار ڪيو آهي؟ انهن چيو تہ اسان ہ ڪم تيار ڪري ڇڏيو آهي پوءِ بادشاھ ڪمرو ڏسڻ لاءِ تشريف فرما ٿيو، پهريائين وچ واري پردي کي ڪٽايائين تہ ٻئي طرف رنگيلا هڪ جهڙا چٽيل هئا ۾ ٻنهي ۾ وار جيترو ہ فرق نہ هو ليڪن رومين جو طرف چينين جي طرف کان لطافت ۾ صفائي ۾ گهٽو وڌيڪ هو. هن نقل مان مقصد هي آهي تہ هڪ جماعت پنهنجي عمر ظاهري علم ۾ نقش ۾ صرف ڪري اجايو ختم ڪري ڇڏي ۾ ٻي جماعت جنهن دل جي صفائي ۾ ڪوشش ڪئي انهن نقش ہ هٿ ڪيا ۾ دل جي صفائي ہ حاصل ڪئي، هن حقيقت تي مولانا رومي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي:

رومیان آن صوفیان اندے پسر
نے ز تکرار کتاب و، نے ھنر

(اي پٽ رومي اهي صوفي آهن، جيڪي نہ ڪتاب جا محتاج نہ هنر سان مغز ماري جي ڪين ضرورت آهي)

لیک صیقل کردہ اند آن سینھا
پاک ز اثر حرص و بخل و کینھا

(پر انهن سينن کي صفا ڪيو آهي، سي حرص بخل ۾ ڪيني کان پاڪ آهن)

آن صفائے آئینہ وصف دل است
صورت بے منتھارا قابل است

(اها آئيني جي صفائي دل جي وصف آهي جيڪا بي انتها صورت کي قبولينڌڙ آهي)

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گرچہ نحو وفقہ را بگزاشتہ اند
لیک محو و فقرا را برداشتند

(اگر چہ نحو ۽ فقہ کي ڇڏيو اٿن، پر انهن محويت ۽ فقر کي حاصل ڪيو آهي)

تا نقوش ہشت جنت تا قست
لوح دل شانرا پزیرا یا قست

(ايتري قدر جو اٿن بهشتن جا نقشا، انهن جي دلين جي پٽيءَ تي ظاهر آهن!)

بر تراندار عرش کرسی و سما
سا کنان مقصد صدق خدا

(اهي عرش ڪرسي آسمانن کان مٿي آهن، خدا تعاليٰ وٽ سچي جاءِ جا رهندڙ آهن)

صد نشان دارند محو مطلق اند
چہ نشان، بل عین دیدار حق اند

(سو نشان رکن تہ بہ مطلق ۾ محو آهن، ڪهڙو نشان بلڪ حق جو عين ديدار ڪندڙ آهن)

نقل 10: معتبر راوي کان نقل آهي تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ جڏهن ٽنڊي بهادر فقير نظاماڻي ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن خليفو ميان سلطان پنهنجي گهر ۾ کين زيارت ڪرائڻ لاءِ وڃي آيو ان وقت عرض ڪيائين تہ حضرتا! خواب ۾ ڏٺم تہ هڪ بلند ۽ سهڻي جاءِ آهي، جنهن جو هتي مثال نہ آهي، ان جي دروازي تي زبردست دربان وينا هئا جو کنهن کي بہ اندر داخل ٿيڻ نٿي ڏنائون ۽ آئون کنهن نموني سان اندر داخل ٿي ويس ۽ ڏٺم تہ اتي تمام گهٽا ماڻهو موجود آهن. پير سائين جن فرمايو تہ جيڪي دروازي تي وينا هئا، اهي ظاهري علم وارا هئا، اندر وارا عاشق ۽ فقير هئا، ظاهر وارن کي انهن جي اچڻ وغيره جي ڪابہ خبر نہ آهي هڪ بزرگ کهڙو نہ چگو چيو آهي.

بوالعجب سورہ است سورۃ عشق
چار مصحف دراویک آیت نیست

(عجب صورت عشق جي آهي جو ان ۾ چار مصحف آهن پر آيت هڪ بہ نہ اٿس)

سکندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سکندري

بو حنيفه عشق رادرس نگرد،
شافعي رادرو روايت نيست

(امام ابو حنيفه رحمة الله عليه عشق جو سبق نه ڏنو، امام شافعي رحمة الله عليه کان به ان باري ۾ کا روايت نه آهي)

حنبل از سر عشق بے خبراست
مالک راد رودرايت نيست

(امام حنبل رحمة الله عليه عشق جي راز کان بي خبر آهي، ۽ امام مالک کي به ان سلسلي ۾ کا ڄاڻ نه آهي)

۽ ٻئي هڪ بزرگ فرمايو آهي:

عاقلاں را شرع تکليف آمده
بيدلاں را عشق تشريف آمده

(عقل وارن کي شريعت جي تکليف ملي ۽ عاشقن کي عشق جي نعمت عطا ٿي آهي)

اي عزيز! علم ۾ قسم آهي هڪڙو محبوب حقيقي جي ملڻ جو وسيلو ٻيو نفساني خواهشن ۽ دنيا حاصل ڪرڻ جو علم آهي ابليس به اهو علم پڙهي، پوري عالم ملڪوت جو استاد بنيو هو ۽ ان ئي علم جي ڪري حضرت آدم سان حسد ۽ تکبر ڪيو هئائين جنهن ڪري "اِنَّ عَلَيْكَ لَعْنَتِيْٓ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ" (سوره ص: آيت ۷۸) (بيشڪ تنهنجي مٿان منهنجي لعنت، قيامت ڏينهن تائين آهي) جو ڳڇ ڳڇيءَ ۾ وڌائونس ۽ (واضح هجي ته) محبوب حقيقي جي ملڻ وارو علم، هادي جي نالي مان آهي ۽ شيطاني علم مضل اسم جو اثر آهي ان ڪري: اَلْعِلْمُ حِجَابُ الْاَكْبَرِ (علم وڏو حجاب آهي) چوندا آهن چوندڙ ڪهڙو نه سنو چيو آهي:

علم نبود غير علم عاشقی
ما بقی تلبيس ابليس شقی

(علم ته فقط عشق ۽ محبت وارو علم آهي، باقي سڀ ڪجهه بدبخت شيطان جو فريب آهي)

نقل 11: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته هڪ شخص، ڪامل ۽ عالم ڪيميا گر روهڙي جي شهر ۾ آيو ۽ ڪنهن واپاريءَ کان ڪجهه خرچ گهريائين، پر واپاريءَ ان کي نه ڏنو پوءِ ان شخص ڪيميا ڏاهي، پنهنجي ڪم ۾ آندائين ۽ ڪيميا گريءَ ۾ مشهور ٿي ويو. ڪافي عرصو رهڻ

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سڪندري

بعد جڏهن اهو واپس وڃڻ لڳو تہ شهر جا عالم ۽ طالب ان سان گڏجي درياء تائين موڪلائڻ آيا. جڏهن ٻيڑي تي سوار پي ٿيو تہ ان وقت ڪيمياگر پنهنجي علم جي فراست سان ڄاتو تہ هي موڪلائڻ لاءِ نہ بلڪ ڪيس هلاڪ ڪرڻ لاءِ آيا آهن. پوءِ ٻگهہ پکي جيڪو وڻ جي ٽاري تي ويٺو هو، ان جي صورت ڪاغذ تي ٺاهي انهيءَ ڏانهن منهن ڪري ڪينچي سان ان جي سري ڪٽيائين تہ ان وقت ئي اهو پکي سري ڪٽيل درياهہ ۾ ڪري پيو ۽ سرڻ هوا ۾ اڏامي رهي هئي ان جي بہ تصوير ڪاغذ تي ڪڍي ان ڏانهن منهن ڪري ڪينچي سان ان جي منڊي ڪپيائين تہ اها بہ ليٽندي اچي درياء ۾ ڪري. پوءِ انهن کي چيائين تہ توهان منهنجي محبت ۽ دوستي ۾ نہ آيا آهيو، محض منهنجي قتل ڪرڻ ۽ اکسير حاصل ڪرڻ لاءِ آيا آهيو. پوءِ ڪيمياگر ان وقت ئي پٽڪي مان اکسير ڪڍي درياهہ ۾ هاريائين ۽ چيائين تہ هي منهنجي هڪ دمڙي جو خرچ آهي.

نقل 12: ٽونر فقير نقل ڪيو تہ هڪ پيري حضرت پير سائين جن فرمايو تہ جهنگ جي پکين درياڻي پکين کي چيو تہ اسان توهان سان دريا جو سير ڪرڻ چاهيون ٿا دريائي پکين وراڻيو تہ توهان هوا جا پکي ترڻ مان ڇا ڄاڻو پر جهنگ جي پکين جي ضد تي دريائي پکين کين درياء جي سير لاءِ شريڪ ڪيو. سير ڪندي جڏهن جهنگلي پکين جا پر آلا ٿيا، تڏهن ٻڌڻ لڳا ڪناري تي ويٺل شڪارين اهو ڏسي کين شڪار ڪيو پر دريائي پکي ٽپي هٽي سلامتيءَ سان نڪري ويا.

اي عزيز! پير سائين جن جي هن مثال ۾ دريائي پکين مان مراد حقيقت وارا ٻانها آهن جيڪي حقيقت، شريعت، معرفت ۽ طريقت جي درياء ۾ صحيح سلامت تري سگهن ٿا، ۽ طبعي طور ظاهري (بربٽ) ۽ باطن (درياء) ٻنهي سان مناسب رکن ٿا ۽ جهنگ جي پکين مان ظاهر وارا انسان مراد آهن، جيڪي ظاهر جا پوئلڳ آهن، ۽ ڪاملن جي قول ۽ فعل تي جزوي عقل سان، پاڻ تي قياس ڪري اعتراض ڪندا آهن!

مولوي رومي انهن جي لاءِ چگو چيو آهي:

گفت اينک مابشر ايشان بشر
ما ايشان بسته خوابيم و خور

(ظاهر وارن چيو هي بہ بشر ۽ اسان بہ بشر، جهڙو اسين ننڊ ۽ کائڻ جا پائبند آهيون هو بہ آهن)

اين ندانستند ايشان از عمٰی،
هست فرق درميان بے انتها

(انهن انڌن انڌائپ جي ڪري اهو نہ سمجهيو تہ انهن پاڪن ۽ هنن انڌن ۾ وڏو فرق آهي)

هردوگون آهو گيا خوردندو آب،
زان يکے سرگين شود ازان مشک ناب

(ٻئي قسم هڙ ساڳيو گاهه ۽ پاڻي کائڻ، پيئڻ مگر هڪڙي مان قولڙيون ۽ ٻي مان مشڪ پيدا ٿيندو آهي)

اين خورد زايد همه بخل و حسد،
وان خورد گر ددهمه نور احد

(هن جي کاڌي مان بخيلي ۽ حسد پيدا ٿئي، ۽ اهي کائن ته سمورو خدا جو نور ٿيو وڃي)

صاحب دل راندارد آن زيان،
گرخورداو زهر قاتل راعيان

(ولي الله جيڪڏهن کليو کلايو قاتل زهر به کائي ته کيس کو نقصان نه پهچائي سگهندي)

جيڪڏهن عاشق عشق (سڪر) سبب ڪنهن حڪم کان حد لنگي وڃن ته به متن کو حرف ڪونه آهي جيئن آدم ، لوح محفوظ ۾ جنت کان ٻاهر نڪرڻ جو ذڪر لکيل ڏٺو، سو چيائين ته جنت (الله تعاليٰ جي قرب جو مقام آهي) هٿان نه وڃي، ابليس حسد ۾ اڳيئي پئي سڙيو، سو بدلي وٺڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ آدم کي خدا جو قسم کڻي چيائين ته جنت ۾ هميشه رهڻ گهرين ته هي هميشه حياتي بخشندڙ وڻ کاءُ هن داڻي جي کائڻ کان روڪ به انهيءَ ڪري ٿي آهي ته بهشت مان توکي ٻاهر آڻن آخر قرب جي نيت سان باوجود معصوميت جي عاصي ٿيو پوءِ معافي گهريائين: "رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا۫ وَ اِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَ تَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ" (سورة البقره: آيت ٢٣) (اي اسان جا رب اسان پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو سون، جيڪڏهن تون رحم ۽ بخشش نه فرمائيندين ته اسان ڇيهي (گهاٽي) وارا ٿي پونداسون) جڏهن ته سندس پيدائش متيءَ مان هئي، ان ڪري عاجزي ڪيائين ۽ وري جڏهن حضرت آدم کي خلافت جي تاج سان نوازيو ويو ۽ ملائڪن کي سجدي لاءِ حڪم ڏنو ويو تڏهن به ابليس بغض ۽ حسد ڪيائين ان ڪري ملعون ٿيو، ڇو ته ان جي پيدائش باهه مان هئي، تنهن ڪري نافرماني ظاهر ٿيڻ کان پوءِ به تڪبر ڪيائين ۽ چيائين: "خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّ خَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ" (سوره ص: آيت ٧٦) (يعني تون مون کي باهه مان پيدا ڪيو آهي ۽ ان کي متيءَ مان) شيطان کي تڪبر ان ڪري ٿيو جو باهه جي ڇپي متي ويندي آهي پوءِ جيڪي حقيقت جي درياء جا ٽوٻا آهن ۽ پاڻ کان فاني ۽ حق سان باقي آهن، بالفرض انهن کان کا غلطي ٿي ته وحدت جي درياء ۾ ٽٻي هٽي پنهنجن پرن کي صاف ڪن ٿا ۽ اهي مقلد

جيڪي حقيقت جي درياءَ کان بہ غير واقف آهن، فقط تقليد ڪندا آهن سي حقيقت کان بي ذوق آهن، سندن پر گناهن سان آلا ٿين ٿا پوءِ شڪارين جي هٿ ۾ (جيڪي نفس ۽ شيطان آهن) گرفتار ۽ بند ٿين ٿا.

نقل 13: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ماڻهو طوطي کي فارسيءَ جو لفظ "دراين چه شك است" سيکاري بادشاه وت وڪٽڻ لا ڪٽي آيو. ۽ تي هزار طوطي جي قيمت ٻڌائين ۽ چيائين تہ هي طوطو فارسي علم سڀ ڄاڻي ٿو بادشاه طوطي جي هيتري گهٽي قيمت ٻڌي جاچ ڪري طوطي کان پڇيائين تہ ڇا هيءَ تنهنجي قيمت صحيح آهي؟ طوطي چيو تہ درا اين چه شك (ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي) بادشاه جيڪي بہ سوال ڪيا تي، طوطي ان جو جواب: دراين‌چه‌شك، ڏنو پي. بادشاه سمجهيو تہ طوطو چوي ٿو تہ آئون واقعي ڄاڻان ٿو. آخر ايتري قيمت ادا ڪري طوطو خريد ڪيائين جڏهن طوطي جو وڪٽندڙ هليو ويو. پوءِ بادشاه هن سان گهٽيون ڳالهيون ڪيون پر: در اين چه شك کان سواءِ هن کي ٻيو ڪوبہ جواب نہ مليو تي بادشاه شڪ ۾ پئجي ويو ۽ طوطي کان پڇيائين تہ ڇا تون فارسي ايتري ٿو ڄاڻين؟ طوطي چيو: در اين چه شك! وري پڇيائين تہ چئبو اسان جي روڪڙ ائين وئي؟ جواب ڏنائين: در اين چه شك! پوءِ يقين سان سمجهائين تہ طوطو "در اين چه شك است" کانسواءِ ڪجهہ بہ نٿو ڄاڻي! ان کان بعد پير سائين جن فرمايو تہ ظاهري علم وارا بہ دل جي علم کان سواءِ ائين ئي آهن، جيئن طوطي جو علم هيو.

نقل 14: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ وزير بادشاه کي دعوت ڪري اچي پنهنجو مهمان ڪيو ۽ دعوت جي حق ادا ڪرڻ لاءِ قسمين قسمين طعام ۽ رنگارنگي شربت بادشاه ۽ لشڪرين لاءِ تيار ڪيائين پر بادشاه جي ويهڻ ۽ آرام واري جاءِ کي ڀهاري نہ ڏنائين پوءِ بادشاه ۽ لشڪري ان جي مهمان نوازي کان ڏاڍا خوش ٿيا، مگر بادشاه گندي جاءِ جي رهڻ کان خوش نہ ٿيو جنهن ڪري ان جون سڀ خدمتون بيڪار ويون. اهڙي طرح طالب جي دل جيڪا (قَلْبُ الْمُؤْمِنِ حَرَمُ اللهِ) مطابق الله تعاليٰ جو گهر آهي، جيڪڏهن غير جي خيالن کان صاف نہ هوندي تہ اهو الله تعاليٰ جي ناراضگيءَ جو سبب بنبو، اگرچہ اهو طالب سيئي مالي ۽ جاني حق ادا ڪري ۽ سڄي عمر عبادتن ۽ رياضتن ۾ گذاري ڇڏي.

نقل 15: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ بزرگ ڪنهن بادشاه جي حضور ۾ هي مسئلو بيان فرمايو تہ آذان جي دعا پڙهڻ کان پوءِ "مرحبا مرحبا بالقائلين عدلا وبالمسلمين حقا" جي لفظ پڙهندو تہ ان کي الله تعاليٰ پنهنجي مهرباني سان ان جي عيوض هزار نيڪيون نصيب ڪندو ۽ ايترا ئي گناه ميٽيندو بادشاه هن حقيقت کان منهن موڙي اعتراض ڪيو تہ عجيب جزا آهي، جو لفظ ٿورا ۽ نعمت هيتري وڏي، اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ بزرگ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جواب ۾ فرمايو تہ فلاڻو شاعر جڏهن تنهنجي پيءُ جي تعريف ۾ قصيدو ٺاهي آيو هو، ان کي گهٽي نعمت ملي هئي؟ بادشاه چيو تہ شاعر کي زمين جو فلاڻو ٽپو ڏنو ويو هو بزرگ فرمايو تہ جڏهن تنهنجي پيءُ کوڙن بيتن جو عيوضو ايترو ڏئي ٿو تہ پوءِ جيڪو خالق مالک بي مثال ڏيندڙ آهي، اهو بيحد ۽ بي حساب ڏي تہ کهڙو عجب آهي اهو بڏي بادشاه عاجز ٿي ڏيو.

نقل 16: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪڙا بارهن مرد پاڻ ۾ گڏجي بي ٿمر هندوستان ڏانهن روانا ٿيا. هڪ کامل پير مرد انهن کي چيو تہ هندوستان بي ٿمر وڃن ٿا، ۽ هندوستان جي فلاڻي شهر جي پرسان هاڻي ٻچا رکندي آهي، متان اوهان بک جي ڪري ان جا ٻچا ذبح ڪري کائو، ۽ هاڻي نقصان ۾ اچي وڃي. پوءِ اهي ماڻهو هندوستان ويندي وات تي ٿي ڏينهن بکيا رهجي ويا، ان ڪري ان هاڻي جي هڪ ٻچي کي کُهي کاڏائون. انهن ۾ هڪ همراه ان ٻڌڙي جي نصيحت تي قائم هو، جو پاڻ ٻين کي منع ٿي ڪيائين. فارغ ٿيڻ کان پوءِ جلدي اهي سيئي روانا ٿيا، ۽ ڏينهن رات سفر ڪري، رات جو آخري حصي ۾ اچي هڪ جاءِ تي بي فڪر ٿي سمهي پيا، ۽ هاڻي پنهنجي ٻچي کي ڪنل ڏسي، پوءِ انهن جي ڏپ تي سندن پنيان رواني ٿي، تانجو انهن کي اچي ستل ڏٺائين ۽ جنهن ۾ پنهنجي ٻچي جي گوشت جي ڏپ سنگهيائين ٿي، انهيءَ کي پير سان لتاڙي پورو ٿي ڪيائين ۽ جيڪو سندس ٻچن جي ويجهو نہ ويو هو، ان کي پنهنجي سونڊ سان اٿاريائين.

اي عزيز! (بلا تشبيه) هاڻي مان مراد حق تعالىٰ آهي ۽ ٻچي مان مراد اولياء الله آهي جيئن مثنوي شريف ۾ آهي تہ:

اولیا اطفال حق اند اے پسر
در حضور و غیب آگہ باخبر

(اي پٽ اولياءَ ڪرام حق جو عيال آهي، جيڪي ويجهو ۽ پري هجڻ ۾ باخبر هوندا آهن)

۽ گوشت کائيندڙن مان مراد گلا ڪندڙ ۽ اعتراض ڪندڙ آهن، جن جي متعلق آيت شريف شاهد آهي:
"وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ" (سورة الحجرات: آيت ۱۲)

نقل 17: حضرت پير سائين جن مثنوي شريف مان نقل بيان فرمايو تہ سنين جي لشڪر رافضين جي ملڪ تي حملو ڪيو جو سڄي ملڪ کي خون ۽ غارت ڪيائون رافضي جڏهن مقابلي کان عاجز ٿي پيا، تڏهن عاجزي ۽ انڪساري سان سني سپهہ سالار جي اڳيان عرض ڪيائون تہ بيگناهہ غريبن کي قتل ڪرڻ ۽ ملڪ کي ويران ڪرڻ مان کهڙو فائدو؟ جيڪو ڏنڊ رکو اهو اسان پري ڏيون ٿا ۽ اسان کي امن ڏيو. سنين جي امير چيو تہ اسان کي مالي جرماني جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، بلڪ توهان جي ملڪ مان ابوبڪر نالي شخص اچي حاضر ڪريو تہ توهان جو چوٽڪارو ٿئي، انهن عرض ڪيو تہ اسان

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جي ملڪ ۾ ابوبڪر نالي مڙس پيدا ئي نہ ٿيندو، پر توهان جي حڪم موجب ڳولا ڪريون ٿا. آخرڪار پنهنجي چوٽڪاري لاءِ ابوبڪر نالي ڪو شخص ڳوليائون، اتفاقًا ابوبڪر نالي هڪ مسافر مسجد ۾ اچي لڏائون جيڪو پريشان ۽ ٽڪل هو پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ ابوبڪر نالي شخص رافضين جي ملڪ ۾ ٽيٽوئي ناهي، مگر مسافر.

اي عزيز! رافضي قوم مان مراد صورت پرست آهن ۽ ابوبڪر مان مراد ڪامل عارف جيڪو بشريت کان سفر ڪري، حقيقت جي ملڪ ۾ پهتل هجي ۽ رافضي ملڪ ۾ جنهن مان مراد عالم خلق آهي، هرگز نہ هوندو مگر مسافر! هتي هڪ حديث شريف بہ آيل آهي تہ: "كُنْ فِي الدُّنْيَا كَأَنَّكَ غَرِيْبٌ اَوْ عَابِرِىْ سَبِيْلٍ" (يعني دنيا ۾ مسافر ئي هج يا واٽهڙو).

نقل 18: حضرت پير سائين جي قلات جي سفر کان موٽندي شهر گنداواه ۾ تشريف آندائون ۽ ٽن سالن کان اتي مينهن نہ وسڻ ڪري ماڻهو تمام گهٽو تنگ ۽ پريشان هئا اتان جا عالم ۽ فاضل ۽ پيا رهندڙ پاڻ ڪريمن جي حضور ۾ حاضر ٿي مينهن نماز لاءِ عرض ڪيائون.

۽ نماز پڙهڻ لاءِ تمام گهٽو زور پريائون، پر مينهن وسڻ لاءِ ڪنهن بہ سوال نہ ڪيو، فقط نماز لاءِ تڪليف ڏنائون پير سائين جن انهن جي رضامندي لاءِ انهن سان گڏجي نماز ادا ڪرائي ۽ عام ماڻهن ۽ عالمن اتي هٿ کٽي دعائون گهريون پي ۽ پير سائين جن بہ انهن جي مرضي موافق هٿ کنيو وينا هئا ۽ گهٽي دير گذرڻ ڪري سيئي فقير تنگ ٿي پيا ۽ مينهن بہ نہ وٺو، ان کان پوءِ پير سائين جن شاديهر ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ جيڪو ڪرامتن جي فصل ۾ نقل بيان ٿي آيو آهي تہ ماڻهن جيڪي ما حضر هو، اڳيان آٽي عرض ڪيائون تہ اسان کي توهان کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ماويٰ ملجا (پناھ ڏيندڙ) نہ آهي، الله تعاليٰ توهان کي اسان بکين ۽ اجين جي مدد لاءِ موڪليو آهي، توجھ مبارڪ ٿئي؟ پاڻ سندن انهيءَ عاجزي تي رحم فرمائي ارشاد فرمايائون تہ دلجاءِ ڪيو! ان شاءَ الله تعاليٰ هن ويران برپٽ، جيڪو سنڌ ڪوهستان جي وچ ۾، بغير پاڻيءَ جو پيو آهي، ان کان لنگهڻ شرط مينهن تمام گهٽو وسندو پوءِ پاڻ ڪريمن جي برڪت سان ان برپٽ کان لنگهڻ شرط ايترو مينهن پيو، جو درگاھ مبارڪ تائين اسان کي ڪپڙا سڪائڻ نہ ڏنائين.

نقل 19: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ بعضي ماڻهو زهد عبادت ۽ علم جي لباس سان سينگاريل آهن ۽ علم باطني کان خالي آهن انهن جو مثال نانگ وانگر آهي جنهن جي کل ٽڏي ۽ پيٽ زهر سان پريل آهي جي اتفاقًا کنهن جو پير نانگ تي اچي ويو تہ ان وقت ئي ان کي ڏنگيندو آهي اهڙيءَ طرح جيڪڏهن رسمي زاهدن ۽ عابدن عالمن جي مراد تي کنهن جو پير اچي ويو تہ اهي بہ نانگ کان بہ وڌيڪ ايذاءُ پهچائيندا آهن.

نقل 20: عبدالخالق فقير بند مڏئي جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ لغاري قوم جو هڪ فقير درگاھ مبارڪ ڏانهن آيو ٿي، وات تي ٻڌائين تہ حضرت پير سائين جن سفر تي اسريا آهن. جڏهن کهڙن جي شهر

ڇو پهتو تڏهن کنهن کان پڇيائين تہ اسان جو امام کهڙي طرف شهر تي چڙهيو آهي؟ اها ڳالهہ شهر جي ملن جي ڪنن تي پهتي تہ انهن فتوائون لکيون تہ پير سائين جن جو هڪ فقير هيئن چوي ٿو تہ پير سائين پاڻ کي امام ٿا سڏائين (سو تہ ناجائز آهي) آس پاس وارن عالمن ان تي مهرون بہ هنيون پوءِ انهن عالمن جو لکيل ڪاغذ جڏهن مخدوم عبدالواحد سيوستاني رحمۃ اللہ علیہ کي پهتو. تڏهن ان لکيو تہ هن صورت ۾ پير سائين جن کان امامت جي دعوا ثابت نہ آهي. مگر عام ماڻهو پنهنجي اعتقاد جي ڪري امام چون ٿا ۽ پير سائين جن سيد آهن. انهن کي قيامت تائين امامت جو ورثو مليل آهي. جيڪڏهن پاڻ خود امام چورائن. تڏهن بہ بي شبهہ جائز آهي. پوءِ اهو معاملو جڏهن پير سائين جن کي پهتو. تڏهن پاڻ مرکي فرمايائون تہ هي بہ عالم هو بہ عالم. پر سمجهہ ۾ تفاوت آهي ۽ فرمايائون تہ مسجد جو امام اگرچہ گهٽ قوم مان مثلاً ڪوري. موچي هجي تہ بہ ان کي امام چوندا آهن ۽ چئبو تہ امام آيو ۽ امامت ڪرايائين. اگرچہ جماعت ٿوري هجي تہ بہ ان کي امام چوڻ جائز آهي سبحان اللہ جو بزرگن جي سمجهہ ايستائين بہ نہ پهتي.

فصل ٻيون

ناقص ۽ ڪامل ٻانهو

نقل 1: هڪ ڏينهن درگاهه مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي اڳيان عشاء نماز کان پوءِ وينا هئاسون پاڻ توحيد جا موتي بيان ٿي فرمايائون، ان وقت حاجي احمد فقير ٽالپر (جنهن کي فقط توحيد جي حال جو علم هو پر مشاهدي کان بي خبر هو) پير سائين جن جي حضور ۾ (جتي هر ناقص ۽ ڪامل جي پرک پئي ٿي) توحيد جو دم هٽي چيائين تہ "همه اوست" پاڻ ڪريم فرمايو تہ بزرگ! جيڪڏهن دم "همه اوست" جو سچائي کان هٽين ٿو تہ مسجد جي ٻاهران ننگر جي ديڳ چڙهي پيئي آهي، ان جي هينان باهه ٻري پيئي، ان ۾ هٿ وجهه. چيائين حضرتا! وجهندس. پاڻ فرمايائون تہ توکان ائين نہ ٿيندو، ٻہ ٽي دفعا تڪرار ٿيو، ان کان پوءِ حاجي چيو تہ حضرتا! ڇا ۾ وجهان؟ جڏهن "همه اوست" ٿي ويو آهي، پير سائين جن فرمايو تہ اي بزرگ! بس ڪر جو تنهنجي توحيد جو ڪمال معلوم ٿي ويو.

نقل 2: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ توحيد جي حالت وقت عرض ڪيم تہ حضرتا! عارفن تي نماز ڇا جي ڪري پئي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ توکي هن حقيقت کان واقف ڪنداسون پوءِ جڏهن پير سائين جن ڪڇ جون دعوتون قبول فرمائي روانا ٿيا، تہ ٻانهو ٻہ ساڻن گڏ هو ۽ مذڪوره سوال مون کي ياد نہ آيو پوءِ جڏهن شوربرپٽ کان (جيڪو سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ آيل آهي) لنگهي ٻنارو ۾ متو قوم وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ فقيرن حاضر ٿي، دعوت عرض ڪئي تہ پاڻ دعوت قبول فرمائي اتي رهي پيا جتي دعوت جو طعام پچايائون پي، اتي هڪ فقير محمد نالي رنگيز کوڙن جي شهر جي رهندڙ قالي توحيد جا بيان شروع ڪيا ۽ دعوتي پنهنجي ڪم ۾ مشغول هئا جنهن ڪري ڪنهن ٻہ سندس ڳالهہ نہ ٿي ٻڌي ان وقت پير سائين جن ٻانهي کي گهرايو جڏهن خدمت ۾ پهتس، تڏهن فرمايائون تہ ٻڌئي هي ڇا ٿو چوي مون ڪن ڏيئي ان جي گفتگو ٻڌي تہ مٿي کي پير ۽ پيرن کي مٿو پئي ٺاهيائين پوءِ عرض ڪيم تہ حضرتا! بيهودي بڪواس ڪري ٿو، جيڪي توحيد ۾ نہ آهي، اهو پنهنجي طرفان گهڙي ٿو ٻڌائي! پير سائين جن فرمايو تہ هن کان اڳ تو سوال ڪيو هو تہ عارفن تي نماز ڪنهن وڌي؟ هاڻي انهن ڳالهين مان معلوم ڪر تہ عارفن تي نماز اهڙن ماڻهن وڌي آهي (جيئن عارف ۽ نالائق جي وچ ۾ تميز رهي.)

نقل 3: هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ جڏهن ڪوڙو رپيو ۽ سچو رپيو پاڻ ۾ گڏجن ۽ هڪ ٻئي ۾ جهيڙو ڪن جو ڪوڙو چوي مان پلو آهيان ۽ سچو چوي تہ مان پلو آهيان؟ پوءِ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جڏهن ٻنهي کي سجاڻپ لاءِ سوناري وٽ آڻيو ويندو تہ کوٽو ڏکندو ۽ ڏڇندو ايندو ۽ کرو خوشيءَ سان آزمائش جي جاءِ تي ايندو تہ ان جي عزت ۽ سچائي ظاهر ٿئي ٿي، ۽ جڏهن سونارا سيرائي سان انهن کي سوراخ ڪندا، تڏهن کرائپ ۽ کوٽائپ ظاهر ٿيندو ان کان پوءِ پير سائين جن فرمايو تہ دعويٰ ۾ حقيقت وارا ۽

صورت وارا برابر آهن، پر ملڪ الموت ٻنهي جو سونارو آهي، ان کري حقيقت وارا: " اَلدُّنْيَا سِجْنُ الْمُؤْمِنِ" سببان موت جي وقت خوش ٿا ٿين، گوياڪ جيل کان ڇٽي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿين ٿا. حديث شريف ۾ آيل آهي تہ "اَلْمَوْتُ جَسَرٌ يُوْصِلُ الْحَبِيْبَ اِلَى الْحَبِيْبِ" (يعني موت هڪ پل آهي، جيڪا دوست کي دوست تائين پهچائي ٿي) ۽ هڪ بزرگ ڪهڙو نہ چگو چيو آهي:

خوب رويان چو پرده برگيرند
پيش شان عاشقان چنان ميرند

(جڏهن سهٽا پردو مٽي ڪندا آهن، تڏهن عاشق ائين ئي سندن اڳيان مرندا آهن)

پاڻو هيو پچن، ڪٽي هٿ حبيب جو، نيزي هينان نينهن
جي، پاسي پاڻ نہ ڪن، عاشق اجل سامهان، اچي ڳاٽ اچن
ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو!

۽ صورت پرست مرڻ جي وقت خوف کان پريشان ۽ غمگين ٿيندا آهن گوياڪ انهن کي گهر مان ڪڍي ڪنهن قيد ڏانهن نيو پيو وڃي.

رب العزت فرمايو "فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" (سورة البقره:آيت ۹۴) (يعني جيڪڏهن سچا آهيو تہ موت جي خواهش ڪريو)

نقل 4: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي هڪ شهر ۾ پنهنجي مريدن معتقدن وٽ ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو ۽ ان شهر جو بادشاه اتان جي هڪ زاهد جو اهڙو معتقد هو، جو ان جي حڪم کان ذرو بہ تجاوز نہ ڪندو هو ۽ نہ وري ڪنهن بي ڏانهن لاڙو ڪندو هو، ان زاهد جي عادت هئي جو سڄو سال رات ڏينهن روزي ۾ رهندو هو، جڏهن عيد جو ڏينهن ٿيندو هو، تڏهن بادشاه ۽ رعيت انهيءَ جي پنيان اچي عيد نماز ادا ڪندا هئا، پوءِ انهيءَ ڏينهن اهو زاهد بادشاه سان گڏجي روزو کوليندو هو، اهڙي نموني سان گهٽو وقت هليو. اتفاقًا هڪ ڏينهن اهو بادشاه سلطان العارفين سان ملاقي ٿيو، طلب خدا ۽ طالبن جي ڳالهين ۾ پيا، بادشاه غارواري زاهد جي تعريف ڪري چيو "تہ سڄو سال روزي ۾ رهي ٿو ۽ عيد واري ڏينهن روزو کولي ٿو. شيخ بسطامي فرمايو تہ اهو ڪم آسان آهي، پر خدا جي وات ۾ هلڻ مشڪل آهي بادشاه ان ڳالهه کان پريشاني ۾ پيو. وري

شيخ فرمايو اي بادشاھ! منھنجي ھن ڳالھ کان فکر نہ ڪر، مگر ان زاھد کي آزماءِ، يعني ھن سال عيد کان اڳ ھڪ ٻہ ڏينھن ڪنھن معتبر ماڻھوءَ کي زاھد ڏانھن موڪلي ڪيس خبردار ڪر تہ بادشاھ توکان بي اعتقاد ٿيو آھي ۽ عيد جي ڏينھن ٻہ توھان وٽ نہ ايندو، بلڪ پنھنجي جاءِ تي عيد نماز ادا ڪندو جڏھن عيد ويجھي آئي بادشاھ ٻہ اھڙي طرح ڪيو ۽ عيد نماز کان پوءِ اڳين عادت موافق ان وٽ ويو تہ زاھد جي عبادت گاھ جو دروازو بند لڳو پيو ھو ۽ سندس ماڻھن دروازي کي کولي ڏيکاريو تہ زاھد عبادت گاھ ۾ مئو پيو آھي، بادشاھ زاھد جي مرڻ جو سبب سلطان العارفين کان پڇيو؟ شيخ صاحب فرمايو تہ زاھد جو زھد ۽ عبادت نفس لاءِ ھئي نہ اللہ تعاليٰ لاءِ جڏھن زاھد، نفس جي قوت (جيڪا بادشاھ جي ارادتمندي ھئي) کان نا اميد ٿيو، تڏھن مري ويو.

نقل 5: ھڪ ڏينھن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ وينا ھئاسون، تہ بلعم باعور جي قصو ھليو. پير سائين جن فرمايو تہ اھو عارف نہ ھو، ليڪن ان جي دعا گھٽي عبادت جي ڪري، مقبول ھوندي ھئي ايتري قدر جو جڏھن نماز ۾ ساڃي پاسي سلام ورائيندو ھو تہ اللہ تعاليٰ ان جي سلام ڪري پنج سو گنھگارن کي بخشي ڇڏيندو ھو ۽ جڏھن کاٻي پاسي سلام ڏيندو ھو، تڏھن ٻہ پنج سئو گنھگارن کي اللہ تعاليٰ بخشيندو ھو پر عارف نہ ھو بلڪ عابد ھو، ڇو تہ جيڪڏھن عارف ھجي ھا تہ حضرت موسيٰ جي حق ۾ پٽڻ جي دعا نہ ڪري ھا ۽ عورت جي چوٽ تي گمراھ نہ ٿئي ھا.

نقل 6: حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو تہ ھڪ واھٽائي شخص جي ھڪ شھري سان تمام گھٽي دوستي ھئي، ۽ اھو ان وٽ گھٽو ڪري اچي مھمان ٿيندو ھو شھري دوست خدمت ۾ ڪوتاھي نہ ڪندو ھو ۽ واھٽائي ھر ڀيري ان کي دعوت ڏئي چوندو ھو تہ جي مھرباني ٿئي تہ ڪا وڏي ڳالھ نہ آھي، جو ديھ جا دوست ۽ ماڻھو توھان لاءِ مشتاق آھن ويچاري شھري سفر جي تڪليف ڪڏھن نہ سڻي ھئي، جنھن ڪري لھرايائين پي، آخر ان جي گھٽين عاجزين سان پنھنجن ٻارن ٻچن سميت ان واھٽائي دوست جي دعوت تي تيار ٿيو ۽ سنبري ھليو، آخر سفر جون تڪليفون جنھن لاءِ ڪنھن بزرگ فرمايو آھي:

سفر اگرچہ نقطہ کمتراز سقر است
ولے عذاب سفراز سقر زيادہ تراست

(سفر جو اگرچہ لفظ سقر کان ھڪ نقطو ڪٽل آھي، پر سفر جو عذاب سقر (دوزخ) کان زياده آھي!)

حديث شريف ۾ آھي "اَلسَّفَرُ سَقَرٌ وَلَوْ كَانَ مِيْلًا" (يعني سفر دوزخ (جو عذاب) آھي اگرچہ ھڪ ميل ھجي) ويچارو اھي سڀ سور سھي اچي واھٽائي جي ديھ ۾ پھتو ۽ ان جي گھر جو ڪڙو ڪڙڪايائين پر جواب ڪوبہ نہ آيو، گھٽي مدت کان پوءِ واھٽائي ٻاھر آيو ۽ پڇيائين تہ ڪير آھين؟ چيائين تہ آئون تنھنجو دوست شھري آھيان ۽ تنھنجي دعوت تي آيو آھيان، واھٽائي سڀ ياريون ٽوڙي چيو تہ اي احمق! توکي ڇا ڄاڻان؟ مان صوفي ماڻھو آھيان، مان پاڻ کان بہ خبر نٿو رکان ڇا جي واقفيت شھري

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ويچارو گهر کان پري سرديءَ جي موسم ۾ ننڍن ٻارن سان گڏ ڏاڍو پريشان عاجز ٿيو ۽ نا اميد ٿي چيائين ته جي سالن جي دوستي وساري ڇڏيئي ته خدا واسطي ٻارن کي سردي کان بچائڻ لاءِ کا جاءِ ڏس ته اڄوڪي رات آساني سان گذاريون؟ واهٽائي چيو جاءِ کابه نه آهي، فقط باغ ۾ باغ جي نگهبان جي بينڪ آهي، جي اتي رهين ته تير ڪمان کٽي سڄي رات باغ جي نگهباني ڪندين، ته متان باغ جو ميوو گدڙ کائي وڃن ۽ نقصان ڪن ۽ جيڪڏهن توکان ڪو قصور ٿيو ته سپاٽي سزا جو حقدار ٿيندين پوءِ لاچار انهيءَ خدمت کي پنهنجي مٿان کٽي ٻارن ٻچن کي ان جاءِ ۾ ويهاري پاڻ تير ڪمان کٽي گدڙن کان نگهبان ٿيو! اڌ رات کان پوءِ واهٽائي جو کودڙو اچي باغ ۾ پيو، رات جي اونداهي ڪري گدڙ سمجهي، تير هنيائين ته کودڙو بروقت مري ويو. اتفاقًا تير لڳڻ وقت کودڙي کان ٽٽ نڪري پيو، واهٽائي ان وقت ڪاوڙجي باغ ۾ ڊڪندو آيو ۽ چيائين ته تون منهنجو کودڙو ماري ڇڏيو شهري چيو تو ڪيئن سڃاتو؟ چيائين ته مون پنهنجي کودڙي جو ٽٽ سڃاتو. شهري دوست ڏوراپو ڏيندي چيو ته افسوس صد افسوس تنهنجي ان بيخوديءَ تي جو سالن جي دوستي وساري مون کي نه سڃاتئي ۽ اڌ رات جو پنهنجي کودڙي جو ٽٽ سڃاتئي. پوءِ پير سائين جن فرمايو ته شهري مرد مان مراد اهل جمع جا (وحدت وارا) آهن ۽ واهٽائي مان مراد اهل فرق جا (ڪثرت وارا آهن) جيڪڏهن شهري جمع ڇڏي فرق جي ديهه ۾ ايندو ته ان سان اهڙي حالت ٿيندي، جهڙي ان شهريءَ سان ٿي، جيڪو شهر مان ديهه ۾ پهتو هو. هتي مولوي معنوي فرمايو آهي:

ده مرو ده مرد را احمق کند
عقل رابي نور وبي رونق کند

(پهراڙي ۾ نه وڃ، جو پهراڙي ماڻهوءَ کي بيوقوف ڪندي، ۽ عقل کي انڌو ۽ بي رونق ڪندي آهي)

حديث شريف ۾ آهي: "من ترسق يوما فقد تحمق شهرا ومن ترسق شهرا فقد تحمق دهرا" (جيڪو پهراڙي جي جاهلن سان هڪ ڏينهن گڏ وينو ته مهينو بيوقوف رهندو، پر جي مهينو گڏ رهيو ته سڄي حياتي بيوقوف رهندو) پوءِ پاڻ ڪريمن فرمايو ته هن زماني جا صوفي جيڪي بيخوديءَ جو دم هڻن ٿا انهن جو حال ان واهٽائي وانگر آهي، جو سندن گڏهه کي ٿوري ايذاءُ اڇڻ سان (جنهن مان مراد نفس آهي) خودي ۾ اچن ٿا ۽ بي چين ٿين ٿا.

نقل 7: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن هي آيت شريف پڙهي: "مَالِ هٰذَا الرَّسُوْلِ يَاْكُلُ الطَّعَامَ وَ يَمْشِيْ فِي الْاَسْوَاقِ " (سورة الفرقان: آيت ٧) عجيب بيان ۽ معنائون فرمايائون پئي (يعني هي خدا جو رسول ڪيئن هوندو، جيڪو طعام کائي ٿو ۽ بازارن ۾ هلي ٿو) ان جي حقيقت مولوي مثنوي ۾ بيان فرمائي آهي:

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گفت اينک ما بشر ايشان بشر
ماو ايشان بسته خوابيم و خور
(چيائون اسان ۽ بشر تہ اهي ۽ بشر آهن، اسان ۽ اهي کائڻ ۽ ننڊ جا پابند آهيون)
اين ندانستند ايشان از عمٰی
هست فرقے درميان بے انتها
(هي انهن انڌن انڌائپ کان نہ سمجهائون، جو انهن جي وچ ۾ وڏو فرق آهي!)
اين خورد زايد همہ بخل و حسد
وان خورد زايد همہ نور احمد
(هي جڏهن کائي تہ حسد ۽ بخل پيدا ٿئي، ۽ هو کائي تہ خدا جو نور پيدا ٿئي ٿو)

نقل 8: قاضي محمد شفيع (هالا ڪنڊيءَ جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ هڪ رات عشاء جي وقت حضرت پير سائين جن مسجد جي اندرئين مصلي تي وينا هئا، مريدن مان هڪ مريد اچي عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کي سيد جان شاهہ مليو هو جنهن چيو تہ آئون الله آهيان، مون کي سجدو ڪر مون کيس چيو تہ تون الله نہ آهين وري چيائين تہ جيڪڈهن توکي منهنجي الوهيت ۾ شڪ هجي تہ پنهنجي مرشد کان وڃي پڇ جو آئون واقعي الله آهيان يا نہ؟ پير سائين جن فرمايو تہ خدا جي الوهيت ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي ۽ هي جيڪو پنهنجي الوهيت جو ثبوت ۽ يقين ٻين کان ڪرائي، اهو خدا ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ان جي دعويٰ دغا ۽ دوکو آهي.

خدا سڃاڻڻ ستّرو پاڻ سڃاڻڻ ڏڪ،
تان تان ڪج مسڪ،
جان جان پاڻ سڃاڻ نہ لهين؟

(يعني خدا سڃاڻڻ آسان آهي ۽ پاڻ سڃاڻڻ تمام ڏکيو آهي، تيستائين آسودو نہ ٿج جيستائين پاڻ کي نہ سڃاڻين)

نقل 9: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن حيدرآباد جي قلعي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. انهيءَ سفر ۾ صاحبزادو حضرت تجر ڏٹي رحمۃ اللہ علیہ بہ گڏ هو جڏهن مير ڪرم علي سان ملاقات فرمايائون، تڏهن انهن تمام عاجزيءَ سان عرض ڪيو تہ حضرتا! اسان ڏٹو آهي تہ پير سائين جن مثنوي شريف گهٽو پڙهندا آهن ۽ ان جا نقطا بيان فرمائيندا آهن؟ پاڻ فرمايائون تہ ضرور پڙهندا آهيون. مير عرض ڪيو تہ حضرتا! اسان کي بہ ڪجهہ ٻڌايو. پاڻ فرمايائون تہ اسان وٽ مثنوي موجود نہ آهي، پوءِ مير مراد علي پنهنجي مثنوي گهرائي پير سائين جن کي پيش ڪئي، پاڻ عبارت آهستي پڙهيائون ۽ اها سندن عادت مبارڪ هئي، ان وقت حضرت تجر ڏٹي رحمۃ اللہ علیہ عرض ڪيو تہ حضرتا! جي حڪم ٿئي تہ

مثنوي جي متن کي آئون پڑهان؟ پير سائين جن صاحبزادي کي فرمايو تہ پڑھ. پوءِ صاحبزادي ٻہ ٽي بيت لاڳيتا پڑهيا ٽي ۽ پاڻ ڪريمن انهن جو معنائون بيان فرمايائون ٽي پر اهي حقيقتون جيڪي اڳي بيان فرمائيندا هئا انهن مان ڪجهہ بہ نہ بيان فرمايائون، فقط وقت ٽاري ڇڏيائون. پير سائين جن جڏهن اتان اوطاق ڏانهن اچي رونق افروز ٿيا تڏهن عرض ڪيو ويو تہ حضرتا! اڄ مثنوي مان ڪابہ حقيقت بيان ڪونہ فرمايو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ڪنهن جي اڳيان معنائون بيان ڪريون ها ڇو تہ اهي حقيقت جي سمجهڻ کان بي خبر آهن پوءِ وقت ٽاري ڇڏيوسون. هڪ بزرگ فرمايو آهي:

رموز خاصگان عاميان چہ دانند
حديث پختگان خامان چہ دانند

(خاص ٻانهن جا ارشاد عام ڪيئن ڄاڻندا، يقين وارن جون ڳالهيون بي يقين ڪيئن سمجهندا؟)

نقل 10: حاجي احمد فقير ٽالپر نقل ڪري ٻڌايو تہ حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ بادشاهہ کي ٻہ ٻانها هئا هڪ ٻانهي جي بادشاهہ سان دل هئي ۽ ٻيو محبت کان خالي هو بادشاهہ ٻنهي کي دولت ڏيئي ڪنهن ولايت ڏانهن واپار واسطي موڪليو، جڏهن ان ولايت ۾ پهتا، تڏهن جنهن جي بادشاهہ سان محبت هئي انهيءَ حڪم موجب نفعي وارو سامان واپار لاءِ ونڻي، رات ڏينهن فرقت سبب انتظار ۾ رهيو، ۽ ٻيو ٻانهي جنهن جي بادشاهہ سان محبت نہ هئي، حڪم کان منهن موڙي، ڪنهن شخص جي هڪ ٻانهيءَ تي عاشق ٿيو، بادشاهہ جي دولت ان جي وصال لاءِ خرچ ڪري ڇڏيائين ۽ ڪوبہ واپار جو سامان نہ ورتائين، فقط ٻانهيءَ جي عشق ۾ خوش ٿي بادشاهہ کي وساري پرديس کي پنهنجو وطن سمجهي بي غم ٿي ويهي رهيو، اوچتو بادشاهہ جو قاصد ٻنهي ٻانهن کي ونڻ لاءِ آيو پوءِ جنهن ٻانهي جو بادشاهہ سان عشق هو ان کي ٻہ خوشيون حاصل ٿيون، هڪ تہ فائدي واري واپار جو سامان ونڻي تيار ڪري رکيو هئائين. ٻيو بادشاهہ جي ديدار لاءِ قاصد سان خوش ٿي روانو ٿيو ۽ ٻئي ٻانهي کي ٻہ غم ٿيا هڪ تہ بادشاهہ جو مال ضايع ڪيائين ۽ حڪم کان منهن موڙيائين ٻيو محبت واري ان ٻانهي جي جدائي، انهن ٻن سببن ڪري ان کي اها ولايت ڇڏڻ ڏاڍي ڏکي لڳي، پر وڃڻو پيو پوءِ پاڻ ڪريمن ارشاد فرمايو تہ انساني مخلوقات بہ ان بادشاهہ جي ٻانهن وانگر ٻہ قسم آهي ۽ حقيقي بادشاهہ الله تعاليٰ آهي ۽ مال انساني نفس جي روڪڙ آهي ۽ عمل صالح ۽ چڱا اخلاق واپار جا اسباب آهن ۽ دنيا ان ٻانهيءَ وانگر آهي ۽ هي فاني دنيا ٻي ولايت وانگر آهي، پوءِ جيڪو انسان پنهنجي دم کي هن دنيا ۾ چڱن ڪمن ۾ خرچ ڪندو، گوياڪ واپار جو سامان خريد ڪيو اٿس ۽ جيڪو ڪميڻي دنيا ۾ مشغول ٿيو ۽ پنهنجي پساهن کي حرص ۽ هوس ۾ خرچ ڪيائين تہ اهو ڇڪ ٻانهي تي عاشق ٿيو ۽ جڏهن سندن سيئي پساهہ خرچ ٿي ويندا تہ حقيقي بادشاهہ جو قاصد عزرائيل ٻنهي انسانن کي ونڻ لاءِ ايندو پوءِ جنهن پنهنجا پساهہ چڱن عملن ۾ خرچ ڪيا هوندا ۽ منع ڪيل شين کان روڪيو هوندو تہ اهو خوشيءِ

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سان يار جي ديدار لاءِ قاصد سان هلندو پر جنهن پنهنجا پساھ الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ ۾ خرچ ڪيا هوندا، ان کي هي دنيا ڇڏڻ ڏاڍي ڏکي لڳندي. پوءِ لاچار قادر جبار جي حڪم سان قاصد عزرائيل سان روانو ٿيندو پر اهو قرب جي دولت کان محروم رهندو.

نقل 11: حضرت صاحبزاده ميان هدايت الله شاھ نقل ڪري ٿو تہ قلات جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن سان گڏ هئاسون اوچتو وات تي هڪ وڏو جبل اچي ويو ۽ وات بہ جبل جي مٿان هئي. پاڻ جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويا تڏهن فقيرن کي خوش طبعي مان فرمايائون تہ هڪ وڏو پٿر مٿان اڇلايو جڏهن فقيرن پٿر هيٺ اڇلايو. ان وقت قاضي محمد اڪرم (لاڙڪاڻي جو رهندڙ جيڪو توحيد جي حالت ۾ هو) هيئان اچي رهيو هو ان جڏهن پٿر کي مٿان ليٽندو ڏٺو. تڏهن وٺي پڇو. پير سائين جن ان کي پڇندو ڏسي مرڪي فرمايائون تہ اي يار! ڇا هي توحيد آهي؟ توحيد اها آهي تہ جيڪڏهن پنهنجي مٿان يقيناً ڪا مصيبت اچي پوي تہ اکيون ۽ ڪن بند ڪري ويهي رهي:

اگر زکوه فرو غلطد آسياسنگے
نه عارفست از راه سنگ بر خيزد

(جيڪڏهن جبل کان ڪو وڏو پٿر هيٺ اچي ٿو، اهو عارف نہ آهي جيڪو پٿر جي وات کان اڻي وڃي)

نقل 12: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان فرمايو تہ جڏهن مؤمن پل صراط تي قدم رکندو تڏهن دوزخ چوندو تہ: رَحْ رَحْ يَا مُؤْمِنُ، اِنَّ نُوْرُكَ لَيُطْفِئُ نَارِیْ (يعني اي مؤمن جلدي جلدي گذري وڃ، تنهنجو نور منهنجي باھ کي وسائي ٿو) پوءِ پير سائين جن فرمايو تہ هي جهان دوزخ وانگر آهي جيڪو مصيبت کي برداشت ڪندو ۽ اصل حالت کان نہ ڦرندو ۽ ان تي صبر سان راضي رهندو تہ ان کي ايمان جو نور (جيڪو حديث ۾ بيان ٿيل آهي) نصيب ٿيندو. پر جيڪو مصيبت وقت بي صبر ٿيندو ان کي اهو نور نصيب نہ ٿيندو.

نقل 13: بچو فقير منگريو (درگاھ مبارڪ جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن کي تپ آيو هو ۽ جنهن وقت پاڻ مسجد شريف ۾ آرام فرمائي رهيا هئا، ان وقت خالد (نالي) گهمرو طبيعت پڇڻ لاءِ خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ ان کي خوش خير عافيت ڪيائون خالد عرض ڪيو تہ حضرتا! اسان کي تہ تپ گهٽن گناهن جي ڪري ايندو آهي، پر اوهان کي ڪهڙي سبب؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ گنهگارن کي تپ گناهن جو ڪفارو آهي ۽ نيڪن لاءِ چڱاين ۾ ترقي لاءِ آهي. سبحان الله و بحمده.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٽيون

حيواني ۽ انساني عقل

نقل 1: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ولايت ۾ مستقل بادشاهي نہ هوندي هئي بلڪ ان ولايت ۾ رواج هو، جو اتان جا امير گڏجي ڪنهن کي بادشاهہ بنائي چونڊيندا هئا، پوءِ هڪ سال ان جي هر لحاظ کان تابعداري ڪندا هئا، ۽ جڏهن سال پورو ٿيندو هو، تڏهن ان کي وڻي درياء ۾ اڇلائي، واپس شهر ڏانهن موٽندا هئا ۽ واٽ ۾ جيڪو پهريان ملندو هو، ان کي تخت تي ويهارينداهئا. پوءِ سڄو سال ان جي حڪم جي ذرو برابر بہ مخالفت نہ ڪندا هئا ۽ سال گذرڻ بعد ان کي بہ درياء ۾ ٻوڙي چونڊيندا هئا اهڙيءَ طرح هڪ دفعي بادشاهہ کي ٻوڙيو آيا ٿي، تہ واٽ تي هڪ هوشيار شخص انهن سان مليو، جنهن چيو تہ توهان مون کي ڪاڏي ٿا وڃو؟ چيائون تہ توکي بادشاهہ ڪريون ٿا هن چيو تہ توهان مون کي سڃاتو آهي، توهان منهنجي حسب نسب کي نٿا ڄاڻو تہ مان ڪير آهيان؟ چيائون تہ اسان کي تنهنجي حسب نسب سان ڪوبہ ڪم نہ آهي، اسان کي جيڪو بہ واٽ ۾ ملندو آهي، اسان ان کي تخت تي ويهارينداآهيون ۽ سڄو سال ان جي حڪم کي مڃيندا آهيون. آخر ڪار پراڻي رسم موجب ان کي تخت تي ويهاريائون ۽ ان جي تابعداري باقاعده ڪيائون گهٽي مدت گذرڻ بعد بادشاهہ دربار جي ڪارڪنن کي چيو تہ هي عجيب رسم توهان جي ملڪ ۾ آهي، جو هڪ بادشاهہ کي درياء ۾ ٻوڙي ٻي کي واٽ مان وڻي قائم مقام بنايو ٿا ۽ سال گذرڻ بعد ان کي بہ غرق ڪريو ٿا، ۽ ٻئي کي تخت تي ويهاريو ٿا. جواب ۾ چيائون تہ اي بادشاهہ! هن ولايت ۾ هيءَ رسم پراڻي آهي هاڻي نڪري نہ سگهندين ان ڪانپوءِ ان هوشيار مرد، تدبير ڪري اڳين بادشاهن جو خزانو گڏ ڪري، هڪ قلعو درياء جي جزيري (ٻيٽ) ۾ ٺهرائي، ان ۾ اهو خزانو جمع ڪرايائين ۽ هڪ وڏو شيشو بہ ٺهرائي درياہ ۾ رکرايائين، جيڪو درياء جي ڪناري کان وڻي ان جزيري تائين پهتو ٿي جڏهن ان جي بادشاهيءَ جي مدت پوري ٿي، پوءِ ان وقت هڪ ٻيڙي بہ ٺهرائي ان شيشي جي ٻرسان ٻڏرايائين ۽ ان کي جڏهن پراڻي رسم موافق درياء ۾ اڇلايائون تہ ان وقت هوشيار مرد ٻيڙي تي سوار ٿي شيشي واري واٽ وڻي وڃي پنهنجي قلعي تائين سلامتي سان پهتو ۽ اتي خوش ٿي ويٺو. پوءِ پاڻ ڪريمن هن نقل مان عجيب نڪتا بيان فرمايا تہ اهو داناءُ مرد مثال عارف جي آهي، جيڪو پاڻ کي هن جهان ۾ (حديث شريف جي موافق : "كُنْ فِي الدُّنْيَا كَأَنَّكَ غَرِيْبٌ اَوْ عَابِرِىْ سَبِيْلٍ" مسافر سمجهي هُن جهان ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪري ٿو پوءِ جڏهن مقرر مدت اندر هِن جهان مان هُن جهان ڏانهن وڃي ٿو تہ اتي بہ ان بادشاهہ وانگر هن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جو قلعو ٺهيل هوندو ۽ دنيا وارا ازلي بدبخت انهن بادشاهن وانگر عاقبت جي فڪر کان غافل هجڻ ۽ نفساني لذتن ۾ مشغول هجڻ ڪري سال کانپوءِ آخر اونهي درياء ۾ وڃي ٻڏن ٿا.

نقل 2: حاجي احمد فقير ٽالپر شورو نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن فرمايو ته عقل ٻه قسم آهي هڪ انساني ۽ ٻيو حيواني عقل حيواني چوپاين جو آهي، جنهن سان هو گاهه پاڻيءَ جي طلب ڪن ۽ هڪ ٻي سان ملن پنهنجي ننڍي وڏي ٻچي کي سڃاڻين ۽ انهن کي پالين ۽ کير وغيره ڏين ٿا. جيڪڏهن ماڻهن جي پوڪ ۾ پون ٿا ته انهن کي ڏنار ٻن سببن جي ڪري نه ٿا چڏين هڪ ته جيڪڏهن ماڻهن جي پوڪ کائيندا ته ڏنارن کي جهٽڪ ٿيندي، ٻيو ته چوپاين جا مالڪ ٻه ڏنارن کي تنبيهه ڪندا، پر چوپايا سمجهن ٿا ته ڏنار اسان سان دشمني ٿا ڪن، جو پوڪ چرڻ کان روڪين ٿا، چوپاين جو پوڪ کائڻ هڪ عيش آهي، اهي جڏهن ٻيل کان بند ٿيندا آهن، ته انهن جو عيش بدمزگي ۾ بدلجي ويندو آهي ۽ انهن کي چڏڻ مشڪل ٿي پوندو آهي اهڙي طرح تمام خلق جو عقل ٻه حيواني عقل آهي، ڇو ته عام ماڻهن کي، جيڪڏهن اولياءَ الله ۽ عالم سڳورا بدڪارين ۽ گناهن ۽ يتيمن جي مال کي ناحق کائڻ ۽ زنا ۽ ريا کان روڪين ٿا ۽ عبادت، ديانت، امانت ۽ شرعي حدن جي حفاظت لاءِ چون ٿا، ته اهي چوپاين وانگر سمجهندا آهن ته اسان کي عيش کان منع ڪن ٿا ۽ پنهنجي بي عقلي سبب نٿا سمجهن، جو اهي کين دوزخ کان چڏائي بهشت جي وات ڏيڪارين ٿا:

نفس بانفس دیگر چون یارشد
عقل جزوی عاطل و بیکارشد

(نفس جڏهن ٻي نفس سان گڏجي ويو، تڏهن عقل بيڪار ۽ بي فائده ٿي ويندو آهي)

۽ عقل انساني نبين سڳورن جو عقل ۽ خدا جي ولين جو عقل آهي.

نقل 3: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن اسڪلڪو شهر (جيڪو قلات جي پرسان آهي) مان روانگي فرمائي، قلات جي اتر طرف ڪنهن بروهي فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا. اتي هڪ مجذوب شخص چريائپ کان فقيرن جي جماعت ۾ خوش ٿيندو، بيت پڙهندو ڦريو پئي پير سائين جن ٻانهي کي فرمايو ته هن شخص کي ڏس جو مجذوب هوندي ٻه هڪ جنس وارن کي ڏسي خوش ٿيو آهي ۽ غزل پڙهي ٿو پوءِ هڪ ٽڏي آهه ڀري فرمايائون ته دنياوي عقل کان، ديوانگي جو مرض پلو آهي، جو ديوانگي واري تي شرعي تڪليف ته معاف آهي.

نقل 4: غلام محمد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هن ڏينهن هن ٻانهي ۽ احمد فقير، ٻنهي سفر ۾ حضرت پير سائين جن جي قدم بوسي ڪئي سين پيرن چمڻ کان پوءِ، آئون ادب جي ڪري پري وڃي ويٺس ۽ احمد فقير جيڪو مجذوب الحال هو، سو ويجهو وڃي ويٺو. پوءِ پاڻ ڪريمن ارشاد

فرمايو تہ احمد فقير مجذوبي سبب تمام ويجهو اچي وينو ۽ غلام محمد عقل سبب پري وڃي بينو آهي. اي عزيز! جنهن عقل جي پير سائين جن شڪايت فرمائي اهو عقل معاد نہ بلڪ عقل معاش آهي، جنهن جي گهر ڪائڻ، سمهڻ ۽ پوشاڪ ڏيڪڻ آهي، ان کي جزوي عقل چوندا آهن مولوي صاحب ان جي خبر ڏني آهي:

عقل جزوی گا ھہ چیرہ گہہ نگون
عقل کلی ایمن از ریب المنون

(دنياوي عقل ڪڏهن نيڪ تہ ڪڏهن اونڌو هوندو. پر عقل ڪل، زماني جي هر فريب کان محفوظ هوندو آهي)

سڪندريہ پبليڪشنز، درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل چوٿون

نيڪ بختي ۽ بدبختي

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن کان ڪنهن ماڻهوءَ سوال ڪيو تہ حضرتا! اوهان ڪريمن جا مريد گهڻا ٿين ٿا ۽ حال ۽ وجد ۽ نصيب ٿئين ٿو، پر گهڻي مدت کان پوءِ ڪن کي هميشہ واري حالت رهي ٿي ۽ ڪن کان زائل ٿي وڃي ٿي، مگر پوءِ ۽ هو نماز نٿا پڙهن؟ پير سائين جن جواب ۾ نقل ارشاد فرمايو تہ هڪ ڪاهي اڏيندڙ، پنهنجي ضرورت لاءِ ڪبوتر کي شڪار ڪرڻ واسطي ڪاهي اڏي ۽ ڪبوتر جي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪٽڪ جا داڻا چونڻ وڌائين اتي هر جنس جا پکي اچي گڏ ٿيا ۽ ان کاڌائون پئي تہ شڪاري ڪبوتر جي شڪار ڪارڻ ۽ پين پکين کي نہ اڏايو ۽ جڏهن ڪبوتر اچي ويو، تڏهن ڪٽي ڪاهي پکين مٿان وڌائين تہ ڪيترا پکي ڪاسي پيا پوءِ جيڪو ڪبوتر گهربل هيس، اهو ڪڍي ذبح ڪيائين ۽ پين پکين کي ڇڏي ڏنائي، ڇو تہ ان جي ڪم ۾ نٿي آيا اهڙي طرح ڪامل ولي بہ طلب جو ڇار هر ننڍي وڏي مٿان پکيڙي ٿو، ۽ چونڻ بہ وجهي ٿو. مقصد انهن سيني مان هڪ سچو ۽ مضبوط مريد هوندو آهي هتي مولوي جو مقولو نشاني ڏي ٿو:

صد هزاران طفل سربہ بريده شد
تا کليم الله صاحب ديده شد

(لکين ٻارن جي قتل کان پوءِ ئي کليم الله، نظر (بصيرت) وارو ٻار پيدا ٿيو)

نقل 2: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ بزرگ هميشہ وعظ ڪندو هو ۽ ماڻهو ان جي وعظ کان متاثر ٿيندا هئا، هڪ دفعي خيال ڪيائين تہ هن ملڪ مان نڪري پي ملڪ ڏانهن وڃان ۽ اتي وڃي وعظ ڪريان، شايد اتان جي ماڻهن کي منهنجي وعظ مان گهڻو فائدو حاصل ٿئي؟ ان نيت سان پنهنجي ملڪ کي ڇڏي پي ملڪ ۾ ويو ۽ اتي رهي وعظ شروع ڪيائين، پر ڪنهن کي بہ اثر پيدا نہ ٿيو، مگر هڪ باهہ پوڄيندڙ شخص اچي چيو تہ منهنجي دل ۾ اسلام قبولڻ جو اهڙو شوق آهي، جو هينئر ئي جيڪر مسلمان ٿيان پر منهنجو پيءُ پيرسن آهن، ان جي خدمت ڪندو آهيان ۽ اهو جڏهن بہ فوت ٿيو، ان وقت اسلام ۾ داخل ٿيندس پر تيستائين تون اسان وٽ ايندو ويندو رهجانءِ. جڏهن ان جو پيءُ مري ويو تڏهن وري ان واعظي ان کي اسلام ۾ داخل ٿيڻ لاءِ چيو. باهہ پوڄيندڙ چيو تہ بہ ٽي ڏينهن مهلت ڏي، جو اسان جا عزيز مائٽ هر طرف کان تعزيت لاءِ اچي رهيا آهن اهو سلسلہ ختم ٿئي

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تہ ان وقت ئي اسلام تي ايمان آڻيندس. ٻئي ڏينهن ان باھ پوڄيندڙ پنهنجي رسم موافق مجلس قائم ڪري ماڻهن کي ويهاري شراب خوري شروع ڪرايائين ۽ باھ پوڄيندڙ، ان واعظي کي ب دعوت ڏيئي انهن مجوسي ڪفارن جي مجلس ۾ وڃي آيو ۽ هڪ جاءِ تي ويهاريائينس ۽ خادم اتي هڪ شراب جي شيشي مان گلاس پريو. هر هڪ کي واري واري سان ڏيندو رهيو. پوءِ جڏهن واعظيءَ جو وارو آيو. تڏهن ان کي ب گلاس شراب جو پري ڏنائين. واعظي شخص پهريائين تہ انڪار ڪيو پر ان وقت اهو باھ پوڄيندڙ اتي حاضر هو. جنهن اسلام قبولڻ جو واعدو ڪيو هو. انهيءَ چيو تہ اي يار! منهنجن عزيزن جي مجلس ۾ مون کي شرمسار ۽ بيوقار نہ ڪر. هن شراب کي پيئُ چو تہ جيڪڏهن هن وقت شراب پيئندين تہ مجلس وارا ب سمجهندا تہ هن بزرگ اسان جي موافقت ڪئي آهي پوءِ اسان تي ب لازم آهي تہ ان جي فرمانبرداري ڪريون. ان ڪري اسلام ۾ پيا ب گهٽا داخل ٿيندا. آخرڪار انهيءَ شخص واعظيءَ کي شراب پياري چڏيو ۽ واعظي شخص پنهنجي دين کي انهن جي چوڻ سان شراب پيئڻ ڪري برباد ڪري ويٺو ۽ پڻ شراب پيئڻ کان پوءِ مستي ۾ هن کان ڪو غلط ڪم ب پيدا ٿي پيو جنهن ڪري کيس قتل ڪيو ويو. مثنوي ۾ مولوي معنوي فرمايو آهي:

ذره کاندر همه ارض و سما است
جنس خودرا همچو کاه و کهر باست

(زمين ۽ آسمان ۾ جيڪو ب ذرو آهي، سو پنهنجي جنس لاءِ مثل چقمق ۽ مقناطيس جي آهي)

ناريان مرنا ريانرا جذب اند،
نوريان مرنوريا نرا طالب اند

(باھ وارا باھ وارن کي چڪيندا آهن، نور وارا خاص نور وارن جا طالب آهن)

اهل باطل باطلان رامی کشند،
اهل حق با اهل حق هم سرخوش اند

(باطل وارا باطل وارن کي چڪيندا آهن، حق وارا حق وارن سان خوش رهندا آهن)

طيبات آمد برائے طيبين،
للخبيثين الخبيثات است همين

(پاڪ شيون، پاڪن لاءِ آيون، پليت شيون پليتن لاءِ پيدا ٿيون آهن)

پاڻ ڪريمن هتي فرمايو تہ واعظي شخص اگرچہ چگو ڪم ڪيو ٿي، پر ان جي نيت تڪبر جي هئي تہ منهنجي وعظ مان انهن کي فائدو ٿئي ٿو ان ڪري گمراهي ۾ انڌو ٿي پيو ۽ گمراهي کان ڪافر ٿي مئو. (نعوذ بالله منها)

نقل 3: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو تہ حضرت موسيٰ جي زماني ۾ هڪ وڏو حڪيم پراٹو تجربيڪار ظاهري علم ۾ ماهر هو، پر وقت جي نبي سڳوري جي پيروي کان محروم هو. هڪ ڏينهن حضرت موسيٰ ان کي فرمايو تہ تون علم جو سنو چور آهين، پر تنهنجو فيض جاهلن لاءِ آهي. پير سائين جن هتي فرمايو تہ هن جهان جي گهٹي سمجهہ ٻنهي جهانن ۾ محرومي آهي جيئن مذڪوره حڪيم ايمان ۽ اسلام جي دولت کان محروم رهيو، ۽ وقت جي نبي سڳوري جي پيروي کان بي نصيب ٿيو:

قابليت اين جهان شيطانگی است
هرکہ آن شيطان بود قابل تر است

(هن جهان جي قابليت شيطانپ آهي، جيڪو شيطان هوندو سو، وڌيڪ قابل هوندو)

نقل 4: هڪ دفعي هي ٻانهو (جامع ملفوظات) درگاه مبارڪ کان موٽيو پنهنجي ڳوٺ آيو پئي، جڏهن نصرپور پهتس، اتي قاضي غلام رسول، جيڪو حضرت پير سائين جن جو پڪو مريد هو ۽ مون سان اڳ ۾ واقفيت نہ هيس، تنهن مون کي دعوت ڏيئي ٽڪايو ۽ گهٹي مهمان نوازي ڪيائين، رات جو جڏهن قاضي صاحب ڪچهري لاءِ آيو تڏهن ڳالهيون ڪندي چيائين تہ هيڪر هي غلام درگاه مبارڪ تي پير سائين جن جي قدم بوسي کان مشرف ٿيو هو، پاڻ جماعت ۾ بيان فرمايائون تہ خليفي (يعني هن ٻانهي) کي ٻہ مهينا لڳاتار، الله تعاليٰ کان تلقين ڪرڻ جو حڪم ٿيس ٿي ۽ هو ان وقت اثبات ۽ نفي جي ذڪر ۾ هو تنهن ڪري انهيءَ حق جي امر کي ٻہ نفي ڪيائين ٿي ان کان پوءِ زبردستي ڪيس حڪم جو تابعدار ڪيوسون ۽ پير سائين جن هيئن ٻہ فرمايو تہ ٻيا سڀ الله تعاليٰ کي گهرن ٿا پر خليفي کي الله تعاليٰ گهري ٿو.

نقل 5: هڪ ڏينهن حافظ زين الدين رحمۃ اللہ علیہ جيڪو حضرت ميان صاحب جن جو مريد هو، مون کي حضرت ميان صاحب جن کان نقل ٻڌايائين تہ هڪ لوهر کهڙن جي شهر ۾ رهندو هو، جڏهن حضرت ميان صاحب جن کهڙن ۾ ايندا هئا ۽ ان جي دڪان کان لنگهندا هئا تہ ان وقت هن کي ڏسي فرمائيندا هئا تہ هي لوهر طلب جي مضبوط طاقت رکي ٿو، جيڪڏهن طلب ڪري ها تہ ڪمال حاصل ڪري وجهي ها، پر جنهن کي طاقت هوندي آهي، اهو طلب نہ ڪندو آهي ۽ ٻيا بي طاقت طلب ڪندا آهن. ٻانهي اها ڳالهہ ميان قابل شاه کي ٻڌائي ميان موصوف چيو تہ عجب آهي، جو طاقت ٻہ رکي ۽ خدا جي

طلب ۾ سرگرم نہ هجي ائين ٿيٽو ناهي، جنهن کي طاقت هوندي، اهو ضرور حق جو طالب هوندو ٻانهي چيو ته حضرت ميان صاحب جن جو فرمودو حق ۽ سچو آهي ان کان پوءِ جڏهن انهيءَ ڳالهه جو بيان، حضرت پير سائين جن کان ٻڌوسون تڏهن يقين کلي ٿيو.

نقل 6: هيڪر حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان فرمايائون ته حضور ﷺ جن حضرت امير عمر رضي الله عنه ۽ ابو الحڪم (ابوجهل جو لقب آهي) لاءِ الله تعاليٰ جي دربار مان دعا گهرياٸون ته خداوندا! اسان جي دين کي انهن مان هڪڙي جي مسلمان ڪرڻ سان طاقت بخش. پوءِ اها دعا قبول ٿي ۽ حضرت عمر رضي الله عنه کي الله تعاليٰ اسلام تي آندو ۽ پوءِ خليفو ٿيو ان جي هٿان دين جي مدد حد کان گهڻي ٿي ۽ ابو الحڪم هن وڏي نعمت جو لائق نہ هو، تنهن ڪري بي نصيب ٿي ابوجهل ٿيو اي عزيز! حضور ﷺ جن جي دعا گهرڻ ابوجهل ۽ امير عمر رضي الله عنه جي حق ۾ ان ڪري هئي، جو ٻنهي مضبوط جبلي طاقت ٿي رکي پر ابوجهل کي ازلي بدبختي کمر ۾ رهايو ۽ امير عمر رضي الله عنه کي ازلي نيڪ بختي خوش نصيب ۽ خليفو بنايو مولانا روم کهڙو نہ سنو چيو آهي:

الشقی من شقیٰ فی بطن ام
السعید من سعد فی بطن ام

(بدبخت اهو جيڪو ماءُ جي پيٽ ۾ بدبخت ٿيو ۽ نيڪ بخت اهو جيڪو ماءُ جي پيٽ ۾ ئي بخت وارو ٿيو)

نقل 7: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ابراهيم پٽ لڏو نظاماڻي جي فاتحہ خواني لاءِ ديهه سالار ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، بعد ۾ هن ٻانهي (جامع ملفوظات) کي فرمايائون ته لڏو نظاماڻي طاقت مضبوط رکي ٿو جيڪڏهن مريدن جي جماعت ۾ داخل ٿئي ته کهڙو نہ سنو ۽ فائدي وارو ٿئي پوءِ هن فقير لڏي نظاماڻي وٽ وڃي ڪيس چيو ته پير سائين جن تنهنجي باري ۾ هيئن فرمايو اٿن، جو جيڪڏهن تون مريدن ۾ داخل ٿئين ته کهڙو نہ ڇڳو؟ ان جواب ۾ چيو ته اسان دنيا وارا ماڻهو آهيون، اسان کان چار هزار ذڪر نہ ٿيندو. هن اهو عذر ڏنائين. فقير اها ڳالهه حضور ۾ عرض ڪئي پاڻ وري فرمايائون ته لڏي نظاماڻي کي چئو ته طريقي ۾ داخل ٿيءُ تو کي ذڪر جا چار هزار معاف آهن ٻانهي ان وٽ وڃي پاڻ ڪريمن جو فرمودو بيان ڪيو ۽ تلقين ونڊ لاءِ گهٽو شوق ڏياريو ليڪن افسوس جو، هو ازلي بدبختي جي ڪري مايوس ۽ محروم رهيو.

نقل 8: حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو ته ٻہ انڌا هئا جن مان هڪ مادرزاد انڌو هو ۽ ٻيو پوءِ ماتا جي ڪري انڌو ٿي پيو هو هڪ ڏينهن ٻنهي هڪ بي ۾ گڏجي کير پيتو ٿي ته جيڪو مادر زاد انڌ و هو، ان کير چکي چيو ته کير تمام منو آهي ۽ بي چيو ته تمام اڇو آهي مادر زاد انڌي چيو ته اڇو ڪيئن ٿيندو ڇو ته اڇو رنگ هن ڪڏهن ڏٺوئي نہ هو. ٻئي انڌي چيو ته اڇو، ٻگهه پکيءَ جهڙو ٿيندو آهي،

مادرزاد انڌي چيو تہ ڀگھ ڪيئن ٿيندو آھي؟ ٻئي انڌي ٻانھن ۽ ھٿ کي ڏنگو ڪري صورت ناھي سمجھايائينس تہ ان جي ڳچي، ڇھنب ۽ پير ھينئن ٿيندا آھن. ڇا ڀگھ اھڙو ٿيندو آھي؟ مادر انڌي چيو تہ پوءِ مان ڪير نہ ڪائيندس، منھنجي نڙيءَ ۾ ڦاسي پوندو. پوءِ جنھن کي عارضي انڌائپ ھئي، ان ۾ طاقت ھئي پر بدصحبت جي ڪري انڌو ٿي پيو ھو، ۽ جيڪو مادرزاد انڌو ھو، ان کي اصل کان ازلي بدبختي جي ڪري طاقت نہ ھئي، ان ڪري ڪير، جيڪا اللہ جي معرفت آھي ان کان محروم رھيو.

نقل 9: ھيڪر حضرت پير سائين جن ٽنڈي سائينداد ٽالپر ۾ جيڪو گھوني جي ڪناري تي آھي، تشريف فرما ٿيا ھئا! اتي مير غلام علي ٽالپر حضور ۾، حاضر ٿي عرض ڪيو تہ حضرتا! اسان جي حويليءَ ۾ زيارت بہ ڪرايو ۽ ھن ٻانھي جي دعوت بہ قبول فرمايو؟ پير سائين جن فرمايو تہ تنھنجي دعوت قبول نہ آھي، باقي زيارت ڪرائينداسون مير غلام علي ٽالپر جي عرض ڪرڻ وقت ان جو ھڪ ملازم ملا محسن نالي بہ موجو ھو، جنھن بلند آواز سان چيو تہ حضرتا! ھن جي دعوت قبول نہ فرمائجو ڇو تہ ھي توھان جو دل سان معتقد نہ آھي. تنھن تي پير سائين جن ان کي ٻڌايو تہ ھڪ ڏينھن حضور ﷺ جن حضرت ام المؤمنين عائشہ صديقہ جي گھر ۾ وينا ھئا ايتري ۾ ڪنھن ٻاھران آواز ڪري سڏ ڪيو حضرت نبي ڪريم جن ان جي متعلق منافق جو لفظ استعمال فرمايو، سڏيندڙ وري سڏ ڪيو تہ پوءِ حضور ﷺ جن ان وٽ آيا، ۽ جيڪو ڪلھي مبارڪ تي ڪپڙو مبارڪ ھين، اھو وڃائي ان کي ويھاريائون. حضرت عائشہ صديقہ اھو ڏسي عرض ڪيو تہ حضرتا! پھريان ھن کي منافق ٿي فرمايوَ ان کان پوءِ ڪيس ھيتري عزت ڏنو؟ جواب ۾ فرمايائون تہ اھو پھريان وانگر ئي آھي ۽ ھي آڏرياءُ اسان جي لائق آھي، جو آئون رحمت للعٰلمين آھيان.

نقل 10: ھڪ دفعي حضرت پير سائين جن فقير محمد رحيم ھاله ڪنڊي جي رھندڙ جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا. پاڻ جڏھن شھر مان مُلن جي محلي کان لنگھيا، تڏھن مُلن جا ڇوڪرا پاڻ ڪريمن کي ڏسي راند ڇڏي، پويان ڊڪندا آيا ۽ پير سائين جن جي گھوڙي کي ٻنھي طرفن کان چنبڙيا ھليا. پاڻ جڏھن مسجد کان لنگھائو ٿيا تہ ان وقت ملان ٻيپھريءَ جي نماز پڙھيو وينا ھئا، ۽ پير سائين جن ڏانھن ڏٺائون پئي. جماعت کين سلام ڏنو، پر انھن مان ڪنھن بہ سلام نہ ورايو بلڪ خراب منھن ڪيو وينا رھيا. پاڻ جڏھن آخوند ؒ جي اوطاق تي گھوڙي تان لھي ڪٺ تي تشريف فرما ٿيا، ۽ پير مبارڪ جتي مبارڪ جي ڪري ھيٺ لڙڪايو وينا ھئا ۽ اھي ڇوڪرا ھٿ سندن پيرن مبارڪن تي رکيو دعا لاءِ ٻيا سوال ڪن. فقيرن عرض ڪيو تہ حضرتا عجب آھي جو، انھن جي وڏن ماٹھن مسجد ۾ اوھان کي ڏٺو ويني، باوجود علم ھجڻ جي، ڪوبہ خدمت ۾ نہ آيو ۽ ھي ڇوڪرا، جن کي راند کائڻ پيئڻ کان بہ وڌيڪ لڳندي آھي، ان کي ڇڏي خدمت ۾ حاضر ٿيا آھن! پاڻ ڪريمن جواب ۾ فرمايو تہ ھي ٻار گناھن کان بچيل آھي، ان ڪري اللہ تعاليٰ جي ولين سان پوري نسبت رکن ٿا ۽ ھنن ملن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نفساني خواهش کان پاڻ کي دنيا جي ضرورتن ۾ گهر ڪري ڇڏيو آهي، ان ڪري هو سچاڻ کان محروم آهن.

کافران ديدند احمد رابشر
چون ندیدند ازوی آن شق القمر

(ڪافرن احمد ڪريم (ﷺ) کي صرف بشر ڏٺو، پر انهن چند جي چيرجڻ کي نه ڏٺائون)

نقل 11: خليفو لقمان نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته سيد الطائفہ حضرت شيخ جنيد بغدادي وڏو جيد عالم هو. طلب ڪرڻ کان اڳي ايان ڪنهن جو مريد نه ٿيو هو ۽ ان وقت پنهنجي مامي حضرت شيخ سري سقطي (جيڪو ڪامل ولي هو) جو به معتقد نه هو. بلڪ ان جو منڪر هو. شيخ سري سقطي ان ڪري ڏاڍو پريشان رهندو هو. آخر رب الجليل جي حڪم سان هڪ ڏينهن هڪ هندو عورت شيخ جنيد لاءِ طعام کٽي آئي ۽ ٽي ڏينهن لڳاتار، حضرت شيخ لاءِ طعام آندائين. شيخ موصوف عجب ۾ رهيو ۽ خادم کي حڪم ڪيائين ته ان هندو عورت کان پڇو ته هي روزانہ طعام ڇا لاءِ آڻي ٿي؟ خادم جڏهن هندو عورت کان پڇيو، تڏهن چيائين ته آئون پاڻ شيخ صاحب کي طعام حاضر ڪرڻ جو سبب ٻڌائيندیس. اها ڳالهه شيخ جنيد کي ٻڌايائون، پوءِ شيخ صاحب ان کي خلوت ۾ گهرائي پڇيو؟ عورت جواب ۾ چيو ته آئون توتي عاشق ٿي پئي آهيان. اهو ٻڌي ان جو نفس گناه لاءِ تيار ٿيو، ان وقت عورت چيو ته ڏسي پيو. شيخ جنيد چيو ته ڪير ٿو ڏسي؟ چيائين الله تعاليٰ ڏسي ٿو! شيخ جنيد، جڏهن الله تعاليٰ جو نالو ٻڌو، تڏهن بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ هندو عورت پنهنجي گهر هلي ويئي. شيخ جنيد جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن ان عورت وٽ وڃي ايلازي ٿيو. مائيءَ ان کي جواب ۾ چيو ته آئون هنديائي آهيان، مون کي خوار نه ڪر پنهنجي مامي شيخ سري سقطي وٽ وڃ آئون به ان جي مريديائي آهيان. ان کان پوءِ شيخ جنيد ﷺ جي دل ۾ پنهنجي مامي حضرت شيخ سري سقطي جي محبت پيدا ٿي ۽ ان جو مريد ٿيو ۽ آخر ڪمال جي درجي کي پهتو.

نقل 12: هيڪر حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو ته هڪ ڪافر شخص دنيا ۾ جيڪا به نفساني خواهش ڪئي ٿي، اها ان جي پوري پئي ٿي، آخر جڏهن مرڻ کي پهتو، تڏهن هڪ قسم جي مڇي گهرايائين ۽ مڇي ونندڙ ميربحر کي چيائين ته مڇي هن قسم جي آڻي ڏي، پوءِ جڏهن ميربحر دام اڇلائي ته الله تعاليٰ جي حڪم سان ان جي دام ۾ هر قسم جون مڇيون ڦاسي پيون ۽ جيڪا مڇي ڪافر گهري هئي، اها به انهن ۾ موجود هئي، پوءِ اها هن کي آڻي ڏنائين، جيڪا هن تيار ڪرائي کاڌي ۽ ان کان پوءِ هي بنا دير مري ويو. اهڙيءَ طرح هڪ خداوند ڪريم جو طالب هو، جنهن سڄي عمر نفس جي مخالفت ٿي ڪئي، آخر جڏهن ان جي سڪرات جو وقت آيو، تڏهن ان کان پڇيائون ته ڪا شيءِ پيئندين؟ چيائين جيڪڏهن ماکي جو شربت هوندو ته پيئندس. پوءِ ماکيءَ جو شربت تيار ڪري،

جڏهن ان جي چپن وٽ آندائون تڏهن الله تعاليٰ فرشتي عزرائيل کي حڪم فرمايو تہ وڃ بنا دير انهيءَ شربت کي هار ۾ ان جي روح کي قبض ڪر. ان فرشتي ائين ئي ڪيو فرشتي عرض ڪيو تہ اي پروردگار ڪافر جون سڃي عمر جون مرادون پوريون ڪيئي ۽ هن مؤمن جنهن سڃي عمر ۾ ڪابہ خواهش نہ ڪئي ۽ مرڻ جي وقت هيءَ هڪ خواهش ڪئي، پر اها بہ حاصل نہ ٿيس؟ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو تہ ان ڪافر شخص جو آخرت ۾ ڪوبہ پاڻ نہ آهي، جيڪي هيس اهو ان کي سڀ هن جهان ۾ ڏيئي ڇڏيوسون ۽ هي شخص مؤمن آهي، جيڪي بہ نعمتون ان کي ملٽيون آهن اهي آخرت ۾ ڪيس ملنديون ان ڪري ماکيءَ جو شربت بہ ان کي آخرت ۾ ڏنو ويندو. هڪ بزرگ ڪهڙو نہ سٺو چيو آهي:

هر ڪہ درين دار مقرب تراست
داغ عنابر جگرش می نهد

(جيڪو هن دنيا ۾ وڏيڪ مقرب (مالدار) آهي، اهو پنهنجي سيني تي تڪليف جو داغ رکي ٿو)

نقل 13: هڪ معتبر راوي کان نقل آهي تہ حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ الله سبحانه و تعاليٰ جا ولي سڳورا جا سوس آهن جو تہ اهي الله تعاليٰ جي حضور مان خبرون وٺي، هن جهان ۾ آٽين ٿا پوءِ جن ماڻهن کي الله تعاليٰ پسند ڪيو آهي، اهي ان فرمودي تي پورو يقين رکن ٿا ۽ هميشہ جي سعادت حاصل ڪن ٿا پر جن کي الله تعاليٰ نہ گهريو آهي اهي هن فرمودي تي يقين تہ نٿا رکن، بلڪ ان جو انڪار ڪن ٿا ان ڪري ان جماعت کي ازلي بدبختي جي ڪري محروم ڪيو اٿن ۽ هنن کي ازلي نيڪ بختي سان ممتاز ڪيو اٿن:

گر خدا خوادهدکہ پردو کس درد
میلش اندر طعنہ پاکان کند

(جن جو الله تعاليٰ پردو خوار ڪندو آهي، اهي ئي پاڪ ٻانهن جي ذات ۾ طعنو هڻندا آهن)

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

باب پندرهون

هن باب ۾ چار فصل آهن.

فصل پهريون
متفرق نقل

نقل 1: حضرت پير سائين جن فرمايو ته ملان حرام کائيندا آهن ۽ پائخانو حلال ڪندا آهن، يعني طعام يا ڪا بي شيءِ ٻين جي پهريائين مالڪ جي موڪل کان سواءِ کائيندا آهن، بعد ۾ ان کي حيلي ۽ فريب سان چوندا آهن ته فلاڻي شيءِ تنهنجي اسان کي هٿ آئي هئي، پر بيخبريءَ ۾ بغير اجازت جي کائي ويناسون، هاڻي جيڪڏهن مهرباني ڪري بخشين ته احسان، ورنہ قيمت ٻڌاءِ ته پري ڏيون؟ آخر حياءَ جي ڪري اهو بخشي ڇڏيندو آهي، ان ڪري انهن جو کائڻ حرام ۽ قضاءِ حاجت حلال ٿئي ٿي.

اي عزيز! هيءُ مثال خاص مُلن لاءِ نہ آهي، بلڪ جيڪو به ائين ڪندو اهو انهيءَ ۾ داخل آهي.

نقل 2: هن فقير جي جڏهن پيرزادي عبدالرشيد، ٽنڊي محمد خان جي رهندڙ (گهوني جي ڪناري تي چاڪر هاله جي لڳ) سان ملاقات ۽ دوستي ٿي تڏهن فقير سان انجام ڪيائين ته حضرت پير سائين جن جي لاڙ جي سفر ۾ تشريف آڻڻ وقت، ساڻن صحبت ۽ زيارت ڪبي، تان جو پاڻ لاڙ جي سفر تي ٽنڊي محمد خان ٽالپر ۾ تشريف فرما ٿيا پر پيرزادو مذڪور ان وقت تمام گهٽو ناچاڪ هو، تنهن ڪري خدمت ۾ اچڻ جي طاقت نہ ٿي رکيائين، پوءِ ميان قابل شاهه طبيعت پڇڻ لاءِ ان وٽ ويو، ته اتي هو مشائخن جي ڳالهين ۾ مشغول ٿي ويا ميان قابل شاهه ڳالهائيندي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (جنهن جو پيرزادو معتقد هو) متعلق چيو ته اهو ويچارو فقط اهل سڪر جو هو. هن گفتي ٻڌڻ ڪري پيرزادو ڏڪارو ٿيو، پوءِ فقير کي چيائين ته مون ۾ بيماري جي ڪري قدم بوسي لاءِ هلڻ جي طاقت نہ آهي، جيڪڏهن پاڻ عنايت فرمائي تشريف آڻين ته ڪهڙو نہ چڱو؟ فقير پير سائين جن کي عرض ڪيو ته حضرتا! ميان عبدالرشيد پيرزادو (مخدوم محمد زمان ڪلان لنواري واري جو مريد آهي) سو اوهان جي ديدار جو مشتاق آهي، پر هن وقت هو بيمار آهي پاڻ فرمايائون ته ان وٽ هلنداسون پوءِ پاڻ سندس اوطاق تي آيا ۽ فقير به خدمت ۾ حاضر هو، جيستائين پاڻ اوطاق تي وينا هئا، ته هر طرف نگاهه ٿي فرمايائون ۽ فقيرن سان به ٿي ڳالهايائون ۽ پيرزادو سندن چهري مبارڪ ۾ اک لڳايو وينو هو پاڻ سڳورا ٿوري دير ويهي اٿيا ته پيرزادو به موڪلائڻ لاءِ اٿيو پاڻ فرمايائون ته بيمار تي ڪا ميار نہ آهي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پيرزادي چيو تہ حضرتا اوهان جي ديدار سان بيماري هلي ويئي، هاڻي ڪجھ بہ نہ آهي، ان کان بعد فقير وري ان وٽ ويو تہ چوڻ لڳو تہ تنهنجو احسان تا زندگي نہ وساريندس، جو تو حياتي ۾ ئي پاڻ ڪريمن جي زيارت ڪرائي ۽ پڻ چيائين تہ جيڪڏهن هن بيماريءَ مان ڇاڪ ٿيس تہ بہ تي ڏينهن پير سائين جن وٽ وڃي فيض حاصل ڪندس، پر هو پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ وفات ڪري ويو.

نقل 3: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ نبين سڳورن وٽ وحي ايندي هئي ۽ اسان وٽ وري مختلف علائقن مان دعوتون ڏيندڙ ماڻهو اچن ٿا جن جي اڇ مان سمجهجي ٿو تہ انهن کي الله تعاليٰ جي طرفان اهڙو حڪم ڪيل آهي ۽ اسان وٽ الله تعاليٰ جي حڪم سان اچن ٿا.

نقل 4: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن قرآن شريف جي تلاوت ڪندي، جڏهن حضرت عيسيٰ علىٰ نبينا و عليه السلام جي بيان واري آيت شريف تي پهتا ان وقت فرمايائون تہ حضرت عيسيٰ پنهنجي فوقيت سمجهي تہ آئون چوٽين آسمان تي پهتو آهيان، پوءِ اها ئي فوقيت ڪيس ترقيءَ کان مانع ٿي پير سائين جن فرمايو تہ سبحان الله، الله تعاليٰ جي دربار ۾ ايتري فوقيت بہ پسند ڪونہ آهي حضرت عيسيٰ جهڙي اولوالعزم نبي کي ترقيءَ کان مانع ٿي ۽ ڪيس مٿي وڃڻ نہ ڏنائون.

نقل 5: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت يوسف عليٰ نبينا و عليه السلام پنهنجو منهن مبارڪ آئيني ۾ ڏٺو، تہ پاڻ کي سڄي جهان کان وڌيڪ سهڻو سمجهيائين ۽ دل ۾ خيال آيس تہ جيڪڏهن مون کي وڪڻن تہ قيمت بي انتها هٿ ايندي ان ڪري الله تعاليٰ کيس ٿوري قيمت ۾ وڪٽايو، جيئن آيت شريف ۾ آهي:

"وَشَرَوْهُ بِثَمَنٍۭ بَخْسٍ دَرَاهِمَ مَعْدُوْدَةٍ ۚ وَكَانُوْا فِيْهِ مِنَ الزّٰهِدِيْنَ" (سوره يوسف: آيت ٢٠)

(يعني وڪڻندڙن کيس ڪوڙن چند درهمن ۾ وڪيو ۽ جڏهن تہ يوسف ( ) ۾ کين ڪا دلچسپي ڪانہ هئي) اي طالب! ڏس خود حضرت يوسف جيڪو حُسن ۾ يگانو ۽ نبي سڳورو هو، تنهن کي ٿوري وهمي فخر تي، جيڪو حقيقت ۾ سچ هو. حق جي غيرت بي پرواهيءَ سان ٿورن ڪوڙن درهمن ۾ وڪٽائي ڇڏيو پوءِ بي ڪهڙي هستي آهي، جو هتي دم هڻي سگهي؟

نقل 6: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ ٽولا لاباري جي مزدوري تي ويا انهن مان هڪڙي ٽولي مزدوري تہ ٿوري تي ڪئي، پر پيٽ لاءِ خرچ گهٽو ٿي ڪيو پي ٽولي مزدوري گهٽي ٿي ڪئي ۽ پيٽ لاءِ خرچ گهٽ ٿي ڪيو، جڏهن ٻئي ٽولا گهرن ڏانهن موٽيا، تڏهن پهرين ٽولي، جنهن خرچ گهٽو ٿي ڪيو ۽ مزدوري ٿوري ٿي ڪئي، ان وٽ ڪجھ بہ نہ بچيو ۽ تن پهرئين رات بہ پنهنجي گهر ۾ بک سان گذاري ۽ ٻيو ٽولو گهٽي اناج وارو، خوش ٿيندي گهر آيو ۽ بي فڪر خوش گذران ڪرڻ لڳو.

اي عزيز! پير سائين جن جي هن فرمودي تي حديث شريف "اَلدُّنْيَا مَزْرَعَةُ الْآخِرَةِ" آيل

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آهي يعني جيڪو ڀج هن جهان ۾ پوڪبو، آخرت ۾ ان جو ئي لابارو ڪبو:

از مكافات عمل غافل مشو،
گندم از گندم بروید جو ز جو

(عملن جي بدلي کان غافل نہ ٿيءُ، ڪڻڪ مان ڪڻڪ ۽ جوَ مان هميشہ جو ئي ڄمندا آهن)

نقل 7: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ پٺاڻ گهوڙي تي سوار هو ۽ گهوڙو هلائيندي چيائين ٿي تہ: اسپ ڪئو؟ اسپ ڪئو؟ (منهنجو گهوڙو ڪٿي آهي)

ماڻهن چيو تہ اي امير، گهوڙو تنهنجي ران هيٺان آهي. وري چيائين تہ اسپ زيرران من، اسپ ڪئو؟ (منهنجي ران هيٺان گهوڙو ڪٿي آهي)

پاڻي مٿي جهوپڙا مورک اڄ مرن،
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مُڃن جيئن!

نقل 8: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن وينا هئا تہ رامڙ فقير ٽالپر، ڪتاب "فتح الفضل" مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمۃ اللہ علیہ جو ڪاهيل، پاڻ ڪريمن وٽ نڏرانو ڪري پيش ڪيو پير سائين جن ان ڪتاب جو مطالعو فرمايو ان ڪتاب ۾ پير مريد جا سوال جواب هئا يعني سوال مخدوم عبدالرحيم جا ۽ جواب عارف زمان، مخدوم محمد زمان لنواري وارو جن جا هئا. پير سائين جن ہ ٿي مقالا پڙهي فرمايو تہ مخدوم عبدالرحيم جي هن تحرير مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس هي ڪتاب سنڌي زبان ۾ پهرئين تصنيف آهي ۽ هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪلام مخدوم محمد زمان جو لکيل آهي اهو سندس ڪمال تي دلالت ڪري ٿو وري پير سائين جن فرمايو تہ مخدوم عبدالرحيم پنهنجي تصنيف ڪيل ڪتابن ۾ جيڪي علم جون حقيقتون بيان ڪيون آهن، اهي "فتح الفضل" جو جوڙڻ کان پوءِ حاصل ڪيون اٿس.

نقل 9: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن بيان فرمايو تہ حضور صلی اللہ علیہ وسلم جن جا پير مبارڪ رات جو گهٽي عبادت ڪرڻ جي ڪري سُڄي پوندا هئا ان لاءِ اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ يا رسول الله جيڪڏهن حڪم ٿئي تہ پيرن مبارڪن جي سوڄ ختم ڪرڻ لاءِ، پٿر باهہ ۾ وجهي گرم ڪري، ٿوري ٿاڪور ڪجي؟ پاڻ فرمايائون تہ هائو، اصحابن سڳورن پٿر باهہ ۾ گرم ڪري، پيرن مبارڪن جي سُڄيل جاين تي آهستي آهستي ٿاڪور شروع ڪئي پوءِ ان پٿر دربار خداوندي ۾ عرض ڪيو تہ يا خدا! تو فرمايو آهي تہ محمد ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم منهنجو حبيب آهي ۽ تنهنجو حبيب مون کي باهہ ۾ ساڙي، پاڻ فائدو ونڻي ٿو ۽ مون کي ايذاءُ رسائي ٿو؟ الله تعاليٰ پٿر کي فرمايو تہ دلجاءِ ڪر، توکي ان جو عيوض ونڻي ڏيندس ٿوري مدت گذرڻ بعد هڪ ڏينهن حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا کان اونداهہ ۾ سئي

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گم ٿي ويئي حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن گھر ۾ آيا ۽ مرڪڻ فرمايائون تہ مرڪڻ جي ڪري ڏندن مبارڪن مان نور جي تجلي ظاهر ٿي تہ حضرت بيبي صاحبہ جي حجري ۾ ڇڻ تہ سج جي نور جي روشنائي ايري آئي ۽ ان شعاع ۾ سئي هٿ ڪيائين. اهو عمل غيور رب کي گران لڳو پوءِ احد واري جنگ ۾ الله تعاليٰ جي حڪم سان اهو پٿر، فرشتن کٹي اڇي احد جي ميدان ۾ رکيو هو ۽ ڪافرن کانپاٽيءَ ۾ پٿر وڃهي ميدان جنگ ۾ ٿي اڇلايا، تہ اهو پٿر حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ان ڏند مبارڪ تي لڳو هو، جنهن ڏند مبارڪ مان روشني نڪتي هئي ۽ ان کي شهيد ڪري وڌائين.

نقل 10: حضرت پير سائين جن گھٹو ڪري هي نقل بيان فرمائيندا هئا، تہ هڪ مڙس کي ٻہ زالون هجن، اهو هڪڙيءَ سان گھٹي محبت رکي ۽ ٻيءَ سان گھٹ، پوءِ جنهن زال سان ان جو قرب گھٹ آهي تہ ان کي هڪ ئي ڏڪ مڙس جي گھٹ قرب جو هوندو ۽ جنهن زال سان محبت گھٹي هوندي، ان کي سدائين هي ڏڪ ۽ ڊپ هوندو جو سوچيندي تہ متان ڪا غلطي ٿي وڃي ۽ مڙس ناراض ٿي پوي، ان ڪري هميشہ مڙس جي رضا ڳولينديءِ ادب، احترام کان غافل نہ ٿيندي، جيئن هڪ بزرگ فرمايو آهي:

يک چشم زدن غافل زان ماه نباشم
ترسم کہ نگاه کند آگاه نباشم

(هڪ اک ڇنڀ جيترو ٻہ ان چنڊ (محبوب) کان غافل نٿو رهان، ڊڄان ٿو، متان نظر ڪري ۽ مان بي خبر هجان.)

هتي سائين جن هي سنڌي بيت ٻہ ارشاد فرمايو:

تتي روئي سڀ ڪا، تون متي روئين ڇو؟
ڇئي پهتي آهيان پرين سين، متان ڪٽر پوي ڪو

انهيءَ حقيقت لاءِ هيئن ٻہ فرمايل آهي: "رُبَّ الْمُخْلِصِيْنَ عَلٰى خَطَرٍ عَظِيْمٍ" (يعني گھٹو ڪري مخلصين (مخلص ٻانها) خوف ۾ هوندا آهن.)

نقل 11: حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان فرمايو تہ حضور اڪرم ﷺ جن اصحابن سڳورن کي فرمايو تہ اي يارو! جڏهن قرآن ڪريم جي قرئت ٻڌو، تڏهن گريو (روئڻ) ڪيو اصحابن سڳورن عرض ڪيو تہ حضرتا! جيڪڏهن ڪلام الله جي ٻڌڻ سان روئڻ نہ اچي تہ ڇا ڪريون؟ پاڻ فرمايائون تہ پوءِ ٻہ روئڻ جي ڪوشش ڪريو. پير سائين جن هتي فرمايو تہ طريقت جا مشائخ وجد جو جواز هن حديث مان ثابت ڪندا آهن.

نقل 12: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ سيد محمد امام شاه رحمۃ اللہ علیہ اسان جو ڏاڏو هو، جِن ٻہ

سڪندريہ پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سڪندري

سندس مريد هئا. هڪ ڏينهن جنن کيس عرض ڪيو تہ حضرتا! اسان جي هڪ شادي آهي، سپاٽي اسان شهر جي پرسان واچوڙو ٿي لنگهنداسون، ان وقت پنهنجي ڪنهن انسان مريد کي فرمائيندا تہ واچوڙي جي اڳيان اچي پنهنجو ڪپڙو وڃائي تہ ان کي ڪارڪن ۽ ڏونگهين جو حصو ڏيون ويندا سون. ٻئي ڏينهن تي ڏاڏا سائين پنهنجي هڪ مريد کي روانو ڪيو، جڏهن ان فقير واچوڙي اڳيان پنهنجو پوتڙو وڃايو، تڏهن ڪارڪن ۽ ڏونگهين سان پرجي ويو، سو ڪٽي اچي خدمت ۾ حاضر ڪيائين. وري ٻئي ڏينهن تي واچوڙي کي لنگهندو ڏسي، هڪ ٻئي فقير پنهنجي خيال سان واچوڙي اڳيان ڪپڙو وڃايو ۽ سمجهيائين تہ اهو ڪم هر انسان جو آهي، جڏهن واچوڙو لنگهي ويو، تڏهن ڏسي تہ ڪپڙو نڪرن، هڏن ۽ ڦهلار سان پريو پيو آهي. پوءِ انهن کي اتي هاري سموري حقيقت اچي ڏاڏا سائين جي اڳيان خدمت ۾ عرض ڪيائين. حضرت ڏاڏا سائين جن سموري ماجرا ٻڌي جنن کي تنبيه فرمائي. جنن عرض ڪيو تہ حضرتا! ڪالهه تہ اسان ۾ شادي هئي، جو سائين جن کي دعوت ڏيئي ويا هئاسون. اڄ اسان ۾ جهيڙو ٿي پيو هو، جنهن سبب نعرا هٽندا وڙهندا، هڪ ٻي کي نڪر ۽ هڏا هٽندا پي ويا سون، سو جيڪي هو، توهان جي مريد اڳيان حاضر ڪيوسون.

نقل 13: سيد شاه محمد شاه حضرت پير سائين جن جو مريد هو، اهو پير سائين جن جي لاڙ ڪچ ۽ اتر واري سفر ۾ جماعت سان گڏ گهميو پئي، ۽ حال نصيب ٿيس پوءِ حال مان مجذوب ٿي ويو ۽ پاڻ کي امام سڏائڻ لڳو ۽ ڪونب جي پرسان، اوپر ڪنڊ تي پنهنجو ڪعبو ٺاهي ويهي رهيو ۽ لڪي ان طرف نماز ادا ڪندو هو ۽ مريد بہ ڪيائين ٿي. ڊگهڙي جا ٽالپر جيڪي ٻوراڻ جي پرسان رهندڙ هئا، اهي هن سان مسخري ڪندا هئا هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن علي محمد ٽالپر جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا، تہ مذڪوره سيد پير سائين جن سان ملڻ لاءِ اوطاق جي ٻاهران اچي وينو ۽ چيائين تہ جيڪڏهن قابل شاهه مون ڏانهن استقبال لاءِ اچي تہ آئون ساڻن ملاقات ڪندس ۽ جيڪڏهن نہ تہ واپس هليو ويندس، پوءِ پاڻ ڪريمن فرمايو تہ اسان ٻار نہ آهيون، جو هو اسان سان نڱي ڪري ٿو. جيڪڏهن ان کي ضرورت هوندي تہ خودبخود ايندو، ورنہ اختيار وارو آهي پوءِ اهو سيد واپس پنهنجي شهر هليو ويو ۽ مرڻ تائين ان حال تي رهيوپر جيڪڏهن بر وقت ان حالت ۾ پير سائين جن سان صحبت ڪري ها تہ يقينًا ان حالت کان لنگهي وڃي ها، ۽ گمراهيءَ کان ڇٽي پوي ها. پر هو پنهنجي خيال وارو هو، تنهن ڪري پنهنجي حالت تي رهيو ۽ چوٽڪارو نہ لڏائين ۽ سڄي عمر ان حال ۾ گذاري هن جهان مان هليو ويو.

نقل 14: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ بادشاه پنهنجي پٽ کي رمل جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ رمالي استاد وٽ ڇڏيو. استاد ان کي زور شور سان پڙهايو ۽ علم رمل جون رمزون ۽ حقيقتون سيکاريون، پوري علم سيکارڻ کان پوءِ ان استاد بادشاهه کي چيو تہ تنهنجو پٽ هاڻ علم رمل ۾ قابل ۽ ماهر ٿي ويو آهي بادشاه آزمائش لاءِ پنهنجي منڊي هڻ ۾ لڪائي، پٽ کان پڇيائين تہ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هي مٺ اندر ڇا آهي؟ پٺ علم رمل جي قاعدي جو تصور ڪري ڇيو ٿو يا منڊي آهي يا چڪي (جنڊ) آهي بادشاه استاد کي ڏوراپو ڏيئي ڇيو ٿو ڪٿي رمل جي تعليم ۾ ڪٿي هي سمجهه. استاد جواب ڏنو ٿو اهو تنهنجي پٺ جي حوصلي گهٽ هجڻ جو سبب آهي، جو اهو به نٿو سمجهي ٿو چڪي مٺ ۾ ڪيئن ايندي؟.

نقل 15: حضرت پير سائين جن فرمايو ٿو هڪ مسافر ماڻهوءَ کي موتين جي ٿيلهي چيلهه سان ٻڌل هئي اتفاقًا ان جو هڪ برپٺ کان گذر ٿيو ۽ اتي ڏاڍي بک ۽ اڃ لڳس جو ان کان بيحال ٿي پيو، اتي ڏاڍا هٿ پير هلايائين، پر ڪوبه فائدو نه ٿيس، آخر اڇي مرڻ کي ويجهو پهتو، ان وقت هي حرف لکي مري ويو: هنن موتين کان جيڪڏهن پڳل ڪٽڪ گڏ هجي ها ته کهڙو نه چگو، جو بک کان هلاڪ نه ٿيان ها.

اي عزيز! هن حقيقت مان معلوم ٿيو ته جيڪو ماڻهو دنيا کي موتين جي ٿيلهي سمجهي، پنهنجو عزيز وقت هن دنيا جي طلب ۽ دنيا جي ڪمن ۾ خرچ ڪري ٿو، ان کي آخرت ۾ ڪوبه فائدو ڪونه ٿيندو. جيئن ٿيلهي واري کي فائدو نه ٿيو.

نقل 16: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن نقل ارشاد فرمايو ته ٽي ماڻهو (هڪ يهودي، ٻيو نصارو، ٽيون مسلمان) گڏجي سفر ۾ نڪتا ۽ هڪ جاءِ تي رهيا، اتان هڪ ماڻهو جو کاڏو کين مليو، گهڙي کان پوءِ هن ڳالهه تي اتفاق ڪيائيون ته طعام رکي سمهي پئون ٿا، جنهن کي ننڊ ۾ حڪم مليو هي طعام اهو کائيندو طعام رکي ٽيئي ڇٽا سمهي پيا ۽ اهي روزن جا ڏينهن هئا، مسلمان شخص ڇا ڪيو جو اسر جي وقت اٺي طعام کائي وري سمهي پيو صبح جو ٽيئي ڇٽا اٺيا ۽ پنهنجي خوابن جون جدا جدا ڳالهيون بيان ڪيائون يهودي چيو ته مان طورسينا تي، حضرت موسيٰ عليٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام سان مليس ۽ ديدار ڪيم عيسائي چيو ته مان چوٿين آسمان تي حضرت موسيٰ عليٰ نبينا و عليه السلام سان مليس ۽ ديدار ڪيم مسلمان چيو ته توهان مان هڪڙو طور سينا تي ۽ ٻيو چوٿين آسمان تي وڃي پهتو هو، ۽ حضرت حبيب خدا سيد الڪونين ﷺ جن اڇي هن ضعيف کي حڪم فرمايو ته تون صبح جو روزيدار هوندين، اٽ بنا دير هي طعام کاءُ. پوءِ حڪم موجب طعام کائي ڇڏيم پير سائين جن اتي فرمايو ته يهودي ظاهر دار ۽ عيسائي باطن دار آهن ۽ دين محمدي عليٰ صاحبها الصلواة والسلام وڇڙو دين آهي ۽ سيني دينن کان پلو آهي جيئن ته حديث شريف ۾ به ارشاد آيل آهي ته "خَيْرُ الْاُمُوْرِ اَوْسَطُهَا" (يعني وڇڙو ڪم بهتر آهي) انهيءَ ڪري ئي مسلمان کي طعام نصيب ٿيو.

نقل 17: حضرت پير سائين جن فرمايو ته سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي بارهن سال امام جعفر صادق رضي الله عنه ۽ ٻين ڪيترن بزرگن جي خدمت ۾ رهيو باطني فيض حاصل ڪرڻ لاءِ سندن خدمت گذاري ۽ راضي ڪرڻ ۾ ڪابه گهٽتائي نه ڇڏيائين آخر آڏي رات جو، جڏهن واپس پنهنجي والده

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جي گهر جي دروازي تي اچي پهتو تہ سندس ماڻ تمام عاجزي ۽ انڪساريءَ سان دعا گهري رهي هئي تہ: ”خدايا! هن ضعيف ۽ مسڪين جو پٽ مسافر، يتيم ۽ بيڪس آهي، اهو تنهنجي حوالي ڪيو اٿم، تون ئي ان کي ظاهري ۽ باطني نعمتن سان نواز؟“

بايزيد بسطامي فرمائيندو هو تہ: امان سائڻ جي هڪ گهڙي جي دعا گهرڻ سان جيڪي انعام مليا، سي ٻارهن سال بزرگن جي خدمت ڪرڻ ۽ صحبت مان بہ نہ مليا هئا.

نقل 18: هيڪر حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان فرمايو تہ حضور اڪرم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ جنهن گهر ۾ اچو ڪڪڙ ٻانگ ڏيندو تہ انهيءَ ڪري الله تعاليٰ پنجن گهرن تي رحمت نازل فرمائيندو هڪ ڪڪڙ جي مالڪ جو ۽ چار ٻيا گهر پاڙيوارن جا.

نقل 19: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن سانجهيءَ جي نماز وقت گرم پوشاڪ ڏيڪي درگاهہ مبارڪ جي مسجد ۾ رونق افروز ٿيا فرمايائون ڇا توهان کي سيءُ نہ ٿو لڳي؟ اسان عرض ڪيو تہ حضرتا! نہ پوءِ نماز ادا ڪرڻ کان بعد ارشاد فرمايائون، تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ خريف جي سرديءَ کان بچاءُ ڪريو يعني سياري جي اول وارن ڏينهن جي سرديءَ کان پاڻ کي بچايو ڇو تہ اها سردي توهان جي بدن سان اهو سلوڪ ڪندي، جيڪو توهان جي وٽن سان ڪري ٿي، اگرچہ اهي ڏينهن ٿورا آهن، تڏهن بہ پرهيز ڪرڻ لازم آهي ۽ حديث شريف جا الفاظ بہ پڙهڻ فرمايائون:

وَاجْتَنِبُوْا بَرْدَ الْخَرِيْفِ فَاِنَّهٗ يَعْمَلُ بِاَبْدَانِكُمْ كَمَا يَعْمَلُ بِاَشْجَارِكُمْ

وَاغْتَنِمُوْا بَرْدَ الرَّبِيْعِ فَاِنَّهٗ يَعْمَلُ بِاَبْدَانِكُمْ كَمَا يَعْمَلُ بِاَشْجَارِكُمْ

(يعني خريف ٿڌ کان بچو، ڇو تہ اها اوهان جي جسمن سان اهو ڪم ڪندي، جيڪو اوهان جي وٽن سان ڪندي آهي، ۽ بهار جي ٿڌڪار کي غنيمت سمجهو، اها اوهان جي جسمن سان اهو ڪجهہ ڪندي، جيڪو وٽن سان ڪندي آهي)

نقل 20: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪامل وليءَ جي حضور ۾ اچي، تہ نهايت سچي دل سان اچي جيئن ڪمال صدق سان حضرت ابوبڪر صديق رضی الله عنه آيو ۽ جيڪڏهن جهڪڙي جي خيال سان اچي تہ بہ ڪمال جهيڙي جي ارادي سان اچي جيئن حضرت عمر رضی الله عنه تلوار اگهاڙي ڪري آيو هو، جيتوڻيڪ ٻيئي احوال پاڻ ۾ مخالف ۽ مختلف آهن، پر ٻنهي ۾ ڪمالیت آهي پوءِ اهو ماڻهو ڪمال جي ڪري معنوي فيض کان محروم نہ رهندو.

اي عزيز! ان مان غرض هيءَ آهي تہ فقيرن جي جماعت کان هر حال ۾ چڱائي ڏسندو.

ڏمريو تان ڏئي، پرچيو تا پل پري جُنگ جکري، ٻئي چڱايون چت ۾

بدی رابدی سهل باشد جزا
اگر مردی احسن الی من عصا

(برائي ڪندڙ کي برائي جزا ڏيڻ آسان آهي جيڪڏهن مرد آهين تہ ان بري سان چڱائي ڪر جنهن توسان برائي ڪئي).

کانیک معلی بہ پئے بردہ اند،
دی دیدہ نیکوئے کردہ اند

(جن شخصن حقيقت کي سمجهيو آهي، اهي برائي ڏسندي بہ چڱائي ڪندا آهن).

نقل 21: خليفو لقمان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن رمضان شريف ۾ اعتڪاف ۾ وينا هئا هڪ ڀيري ٽيپهري جي وقت فقيرن جي صحبت لاءِ اعتڪاف واري جاءِ جي دروازي تي اچي وينا آئون خدمت ۾ حاضر هوس، انهيءَ وچ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ اچي عرض ڪيو تہ حضرتا! مون تي توجہ فرمايو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ توتي توجہ نہ ڪندس ۽ پٽ فرمايائون تہ جيڪو بن پيڙين ۾ سوار ٿيندو، اهو منزل ڪونہ ماڻيندو، پوءِ جڏهن ٽيپهريءَ جو وقت ٿيو، تڏهن فرمايائون تہ توجہ ڪرائڻ وارو ماڻهو ڪٿي آهي؟ جي حاضر هجي تہ توجہ ڪريونس پر ان وقت اهو شخص حاضر نہ هو ۽ مايوس رهيو:

دوشان هان نگنجد بریک سریر
مکمل نہ گردد مرید دوپیر

(بہ بادشاھ هڪ تخت تي ويهي نہ سگهندا، ۽ بن پيرن جو مريد، ڪڏهن ڪامل نہ ٿيندو.)

نقل 22: هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهوءَ حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ سرمارئي مان سنڌي بيت: "لوئي نہ لاهيان" پڙهيو پاڻ ڪريمن فرمايو هي لوئي ڇا آهي؟ ٻانهي عرض ڪيو تہ حضرتا! اوهان سمجهايو. جواب ۾ فرمايائون تہ لوئي مان مراد قرب آهي ۽ قرباني‌ءَ جي گهٽي سان مناسب آهي حضرت ابراهيم جيڪو حضرت اسماعيل جي عيوض گهٽو قربان ڪيو هو، اهو بہ قرب هو ۽ لوئي اُن مان ڏهندي آهي ۽ اُن گهٽي جي ٽيندي آهي انهن وارن مان مراد قرب ورتو اٿن.

نقل 23: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ ملان وعظ ڪيو تہ جمعي جي ڏينهن خطبي جي بانگ تي ڪلمو پڙهڻ جائز نہ آهي ۽ مات ڪرڻ گهرجي ان مجلس ۾ هڪ ٻهراڙيءَ جي ماڻهو وينل هو، اهو جڏهن پنهنجي ڳوٺ پهتو، تڏهن ماڻهن کي ٻڌايائين تہ اڄ فلاڻي بزرگ وعظ ۾ چيو تہ بانگ کان پوءِ ڪلمو پڙهڻ جائز نہ آهي.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اي عزيز! ڪمال وارن جي ڳالهه سمجهڻ بصيرت واري ڪانسواءِ محال آهي. جيڪي صورت ظاهري جا پابند آهن، انهن جي سمجهه ۾ انهيءَ واهٽائي جهڙي آهي، جنهن کي خطبي واري بانگ ۽ وقتي بانگ ۾ فرض معلوم نه هو.

نقل 24: حافظ ڪنگهار فقير نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته مريد جڏهن گهٽي مسافري ڪري پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿئي ٿو، ته ان وقت ئي ان تان سفر وارو حڪم لهي ويو، ۽ هاڻي اهو مقيم آهي ان کان پوءِ جڏهن واپس وڃڻ جي اجازت ونندو، ان وقت مسافرن مان ٿي پوندو.

نقل 25: حضرت پير سائين جن فرمايو ته هڪ شخص پنهنجي پوڪ مان پڪين اڏائڻ لاءِ ٽڪر جي ڦيلهي (ننڍي پات) تي چمڙو چاڙهي ڪانيءَ سان ويهي وڃائيندو هو انهيءَ جي آواز سان پڪي اڏامي ويندا هئا هڪ ڏينهن اُٽ اچي پوڪ ۾ پيو جنهن تي بادشاه نغارا ڪٽندا ۽ وڃائيندا هئا، ان بي وقوف شخص اٽ کي پڃائڻ لاءِ ڦيلهي وڃائي، پر اٽ تي ڪو اثر نه ٿيو ۽ زبان حال سان ان چيو ته مون تي هميشه بادشاهي نغارا وڃايا اٿن، مون کي ٽڪر جي ڦيهلي جي آواز کان ڪهڙو خوف آهي؟

نقل 26: سيد شاه محمد نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن سان سفر ۾ گڏ هوس، ڀانهي عرض ڪيو ته حضرتا! مخفي عبادت پلي آهي يا ظاهري؟ پاڻ فرمايائون ته مخفي عبادت پلي آهي پر مرد اهي آهن، جيڪي پنهنجو پاڻ کي لڪائي، الله تعاليٰ جي ياد ۾ مشغول آهن، چوندڙ ڪهڙو نه ڇگو چيو آهي.

تو مباش اصلا کمال این است و بس
تو دراوگم شو، وصال این است وبس

(ڪمال ته اهو آهي جو تنهنجي ذات جو تصور توکي به نه هجي، تون سندس ذات ۾ فنا ٿي وڃ، سو اهو ئي وصال آهي ۽ بس)

نقل 27: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته گاجره ديهه ۾، حضرت پير سائين جن جي تنبوءَ ۾ حاضر هوس، رات تمام اونداهي هئي اتي خليفي ميان صاحبڏني مون (جامع ملفوظات) کي آهستي آهستي پنهنجي احوال ٻڌائڻ شروع ڪيو، ته هيڪر الله تعاليٰ ڏٺم، جو مون کي پٽڪو ٻڌائي پيو ته مون انڪار ڪيو جنهن تي فرمايائين ته هي پٽڪو توهان جي پير جو آهي مون خليفي ميان صاحبڏني جي احوال پير سائين جن جي حضور ۾ عرض رکيم پاڻ فرمايائون ته هي صورتي تجلي آهي ۽ معنوي تجلي، صورت ۾ نه ٿيندي آهي ۽ پڻ فرمايائون ته اولياءَ الله صورتي تجلي ۾ ديدار ڪن ٿا جيئن خواجه عبيد الله احرار کي سمنڊ گهوڙي اندر مشاهدو ٿيو ان ڪري سمنڊ گهوڙي سان پيار به ڪندو هو ۽ انهيءَ تي سوار به ٿيندو هو.

نقل 28: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ دفعي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ، هيتري مدت پنهنجي پياري عمر جو وقت خلق کي خدا ڏانهن سڏڻ ۾ گذاريم، مگر گهٽا ماڻهو صحيح نموني سان خدا جي طرف نہ موٽيا ان کان پوءِ مثنوي شريف ۾ نظر آيو تہ حضرت نوح عليٰ نبينا و عليه السلام پنهنجي سموري ڏگهي عمر خلق کي خدا جي طرف سڏڻ ۾ گذاري، تڏهن بہ چاليهن شخصن کان سواءِ کوبہ خدا جو فرمانبردار نہ ٿيو ۽ گهٽن دعوت حق قبول نہ ڪئي، ان کان پوءِ دل کي تسڪين ٿي ويئي.

نقل 29: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر تي مورهڏي ۾ تشريف فرما ٿيا، اتان جو هڪ شخص (نالي خليفو اسماعيل، جيڪو مخدوم ابراهيم ٽٽوي رحمۃ اللہ علیہ جو مريد هو) پير سائين جن جي حضور ۾ آيو پاڻ ان کي ڏاڍي عزت ڏنائون، هو گهڙي کن ماڻ رهيو، بعد ۾ ٽڏو ساهہ ڪڍي چيائين تہ الله اڪبر! جو قحط الرجال (مردن جو ڏڪر) آهي پاڻ ڪريمن فرمايو تہ: ائين چوڻ نہ ڪپي، ڇو تہ حديث شريف ۾ آهي تہ قيامت ڏينهن بہ اهڙا گهٽا ٻانها هوندا، جو جيڪڏهن چون تہ قيامت نہ ٿئي، تہ انهن جي مرضي مطابق قيامت بہ نہ ٿيندي هن وقت چا لاءِ حضرت نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي امتين ۾ برو گمان ڪريو ٿا؟ وري هن چيو تہ حضرتا! توهان جا مريد هن عالم ۾ مشاهدي جون ڳالهيون ظاهر ڪندا آهن، انهن کي اهڙين ڳالهين کان منع ڪري ڇڏيو.

پاڻ ڪريمن فرمايو تہ هڪ وجود مطلق ٻيو وجود مقيد آهي سالڪن کي هن عالم ۾ ڪثرت، مشاهدي جو وجود مقيد جي ڪري آهي چيو تہ وجود مطلق ۽ مقيد چا آهي؟ پير سائين جن فرمايو تہ اي بزرگ! تون پنهنجي ايمان وڇ ڪان ڊڇ ڇو تہ دعوي علم ۾ ارشاد جي ڪرين ٿو ۽ توکي وجود مطلق ۽ مقيد جي بہ خبر نہ آهي هن چيو تہ جيڪو علم ظاهري پڙهيو هوم، سو هن وقت سڀ وسري ويو آهي.

پاڻ ڪريمن فرمايو تہ عجب آهي، جو سالڪن کي ڪمال جي وقت، الله تعاليٰ صوري ۽ معنوي تجلي نصيب ڪندو آهي ۽ توکي باوجود تلقين ڪرڻ جي، ظاهري حرف بہ وسري ويا آهن پوءِ اعتراض کان شرمندو ٿي هليو ويو (نعوذ بالله منها)

نقل 30: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن سان سفر ۾ گڏ هيس ۽ فقير کي هميشہ هيءَ عادت هئي، جو پير سائين جن جي صحبت لاءِ سندن خدمت ۾ نزديڪ پنهنجي پاڻاري ناهيندو هوس ۽ پنهنجي گهوڙي جي ڪنهن کي خبر نہ ڏيندو هيس، ان ڪري گاهہ، پاٽي، داڻو ان کي ڪونہ ملندو هو هڪ ڏينهن ميان قابل شاهہ فقير کي چيو تہ، جيڪڏهن اسان سان پاڻاري گڏ ناهين تہ تنهنجي گهوڙي جي خدمت گهٽي ڪرايون ۽ هم صحبت بہ ٿيون، فقير ان جي خواهش مطابق قبول ڪيو ۽ اها رات ميان قابل شاهہ سان گڏ رهيس ٻئي ڏينهن جڏهن پاڻ ڪريمن جي صحبت ۾ آيس ۽ قاضي محمد شفيع بہ خدمت ۾ حاضر هو جيئن تہ اهو ڪڏهن وات ۾ ملندو هو تہ ڪيس پاڻ سان گڏ گهوڙي تي سوار ڪندو هوس، ان ڪري ان کان پڇيم تہ قاضي صاحب ڪٽي آهين جو نظر نٿو اچين؟ پير سائين جن اها ڳالهہ ٻڌي پڇيو تہ اي قاضي! توکي چا ٿو چوي؟ قاضي عرض ڪيو تہ حضرتا! هيئن

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٿو چوي. پاڻ غيرت کان فرمايائون ته اي ميانجي! قاضي ته اسان وٽ حاضر آهي، توهان نظر نٿا اچو. ڀانهي عرض ڪيو ته حضرتا! هن خاڪسار کي حضور شريف کان سواءِ ٻي ڪابہ پناھ جي جاءِ نہ آهي. فرمايائون ته پوءِ بہ ضرور ڪنهن ٻي جاءِ تي بہ ويهو ٿا؟ فقير سمجهيو ته اها غيرت ۽ ميار ٻي هنڌ پاڻاري ناهڻ جي ڪري آهي، جنهنڪري گريو اچي ويو ۽ سندن ڪٽ تي مٿو رکي رکي گريو ڪرڻ (روئڻ) لڳس، پوءِ پاڻ هن فدوي تي توجهہ فرمائيندي هي بيت ارشاد فرمايائون:

همہ شہر پر زخوبان، من در خيال ماهے
چکنم کے چشم بدخونکند بکس نگاهے

(سڄو شهر محبوبن سان پريو پيو آهي ۽ مان پنهنجي محبوب جي خيال ۾ آهيان، ڇا ڪريان ٻڇڙي عادت اکين جي، جو ٻي ڪنهن ڏانهن نگاهہ ئي نٿيون ڪن).

نقل 31: مير فقير ناهيو نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي لاڙ جا فقير درگاهہ مبارڪ تي ٿي آيا، قاضي محمد عاقل جي بغض کان بي خبر کهڙن جي شهر ۾ قاضي جي مسجد شريف ۾ اچي ٽڪيا قاضي مذڪوره ذڪر ڪرڻ وقت فقيرن کي مارڪٽ ڪرائي، پوءِ صبح جو فقيرن قاضيءَ جو ڪيل ظلم اچي حضرت پير سائين جن جي اڳيان بيان ڪيو پاڻ ڪريمن فرمايو ته قاضيءَ کان توهان پڇيو هو ته ڇا لاءِ ٿو مارين؟ فقيرن چيو ته حضرتا چون پيا ته اسم شريف، الله جي ذڪر ڪرڻ وقت اوهان تي جلّ جلاله جو چوڻ واجب ٿئي ٿو ان ڪري نہ فقط ذڪر کان منع ڪيائون، پر سخت تڪليف ڏنائون تڏهن پير سائين جن فرمايو ته توهان کي چوٽو هو ته اي قاضي! ڪنهن بہ ڪتاب ۾ خدا جي ذڪر کان غافل رهڻ جائز آهي ڇا؟

نقل 32: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن نقل بيان فرمايو ته هڪ شخص، حضرت خواجہ نقشبندي وٽ اچي عرض ڪيو ته حضرتا! سماع ٻڌڻ جي متعلق ڇا ٿا فرمايو؟ جواب ۾ فرمايائون ته:

"نه ايں کار ميکنم نه انکار ميکنم"
(يعني نہ اهو ڪم ڪريون ٿا ۽ نہ ان کان انڪار ڪريون ٿا)

حضرت خواجہ صاحب جو انڪار نہ ڪرڻ اڳين مشائخن جي ادب سبب هو چو ته ٻين طريقن قادري، چشتي ۽ سهروردي‌ءَ مان گهٽن مشائخن سماع ٻڌو آهي انهيءَ جي باوجود سندن سماع نہ ٻڌڻ انهيءَ ڪري هو، جو سندن طريقي ۾ سماع ناجائز آهي.

نقل 33: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن، هن زماني جي بعض سالڪن (جيڪي وجود نفس جا انڪاري ۽ همہ حق است چوندا آهن) جي تردید ۾ حضور ﷺ جن کان روايت بيان فرمايائون ته

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حضور ﷺ جن جڏهن آيت شريف: "اَفَرَءَيْتُمُ اللّٰتَ وَ الْعُزّٰى ۙ وَ مَنٰوةَ الثَّالِثَةَ الْاُخْرٰى ○ "(سورة النجم: آيت ۱۹، ۲۰) اصحابن سڳورن کي ٻڌائي ٻيٺا ته شيطان بدبخت "ان شفاعتها الترجیٰ" جا الفاظ اهڙي طرح ملائي پڙهيا، جو ڪن اصحابن سمجهيو ته اهي لفظ به شايد وحيءَ جو حصو آهن جنهن سبب حضور اڪرم ﷺ جن جي دل مبارڪ تي بار ٿي پيو، ڇو ته انهن اڪرن مان بتن جي تعريف معلوم پئي ٿئي ايتري ۾ الله تعاليٰ ڄاڻايو ته اهو شيطاني القاءُ هو جيڪو ان پنهنجي طرفان ناهي ٿي ملايائين، پوءِ حضور ﷺ جن اصحابن سڳورن کي ابليس جو القاءُ ٻڌائي سندس ڪوڙ دفع ڪيائون عجب آهي جو ڪلام رب الجليل جو ۽ ٻڌائيندڙ حضور ﷺ جن ۽ ٻڌندڙ اصحابي سڳورا، تڏهن به شيطان پنهنجي شيطاني نہ ڇڏي ۽ دين ۾ زلزلو وجهي ڇڏيائين، جيڪو وحي جي ڄاڻ ڪانسواءِ دفع نہ ٿيو اڄ نہ اهو امڪان آهي نہ اهي مسلمان پائر پوءِ نفس ۽ شيطان ڪيئن نہ پنهنجو داءُ هلائيندا؟

نقل 34: حضرت پير سائين جن فرمايو ته هر نبي عليٰ نبينا و عليه السلام کي چاليهن بهشتي مردن جي طاقت هوندي آهي ۽ هر بهشتي مرد کي دنيا جي چاليهن مردن جيتري طاقت ٿيندي آهي ۽ اسان جي آقا حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي چاليهن نبين جيتري طاقت هئي ۽ ام المؤمنين حضرت خديجة الكبريٰ کي محبت جي جذبي جي ايتري طاقت هئي، جو حضور ﷺ جن جي سڃي طاقت جذب ٿي فرمايائين، ڇو جو حضرت بيبي صاحبہ جي ڏينهن ۾ حضور ﷺ جن ٻئي ڪنهن به حرم سان نڪاح ڪرڻ جو ارادو نہ فرمايائون هي سيئي حضرت بيبي صاحبہ جي حضور ﷺ جن سان عشق ۽ محبت جي طاقت هئي.

نقل 35: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته جڏهن حضرت پير سائين جن لاڙ جي آخري سفر تان واپس درگاهہ مبارڪ تي تشريف فرما ٿيا هئا تڏهن قاضي عبدالرحمان خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا هن ڀيري سفر کان جلدي واپس موٽڻ فرمايو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته اي قاضي اسان کا ٻني کانہ پوکي هئي، جنهن لاءِ جلدي واپس ٿياسون پر ماڻهن ۾ محبت کانہ هئي، هن کان اڳي لاڙ جي سفر ۾ پنج ڇهہ مهينا سير ڪندا هئاسون انهن ڏينهن ۾ ماڻهن ۾ محبت تمام گهڻي هئي، جيڪا اسان کي خودبخود سفر لاءِ تيار ۽ مجبور ڪندي هئي، هن سفر ۾ لاڙ جي ماڻهن ۾ محبت نہ هجڻ جي ڪري جلد بس ڪري آياسون.

نقل 36: الهداد فقير نظاماڻي هڪ معتبر فقير کان نقل ڪري ٿو ته آڱ ۽ ۾ ٽي ٻيا فقير، گڏجي درگاهہ شريف تي وياسون، ان سفر ۾ هڪ ڏينهن لڏي فقير ڪنهر وٽ مهمان ٿياسون، ان فقير ٿانو پئي ناهيا، انهيءَ فقير، لڏي فقير کان پڇيو ته هيترا گهٽا ٿانو ڪنهن جي لاءِ ناهين ٿو؟ مذڪوره فقير چيو ته مير غلام علي ٽالپر جا ٻار خيرپور ۾ سهراب ٽالپر وٽ اچن ٿا، ان ڪري مير سهراب جي خادمن اسان کي ٿانو ناهڻ جي هيءَ تڪليف ڏني آهي، ڇو ته اسان رستي تي وينا آهيون، رڳو حڪم ٿا هلائين ظلم

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪندا آهن ۽ مزدوري ٻه ڪونہ ڏيندا آهن. مون چيو تہ واقعي ميرسهراب وڏو ظالم آهي، جو توهان فقير پري وينا آهيو، تڏهن ٻہ توهان تي حڪم ٿو هلائي؟ تنهن تي ان ڪنيرجا جاهل پٽ لنيون ڪٽي مون سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا، تہ تو ميرصاحب کي برو چيو اٿئي. لڏي فقير وچ ۾ اچي جهيڙو ٽاريو، پوءِ مون اها ماجرا پاڻ ڪريمن اڳيان عرض ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ هر هڪ کي پنهنجي جنس سان واسطو هوندو آهي، فقير فقيرن سان، دنيا وارا، دنيا وارن سان، اگرچہ مذڪوره فقير جا پٽ ميرسهراب جا واقف ٻہ نہ هئا، پر دنيا جي جنسيت هين، ان ڪري طبيعت ۾ جوش آڻي اٿيا:

ناريان مر ناريان را جاذب اند
نوريان مر نوريان را طالب اند

(باهہ وارا باهہ وارن کي ڇڪيندا آهن، نوري، نور وارن جا طالب هوندا آهن)

نقل 37: محمد خان نظاماڻي نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ جيڪو چلهہ ۾ هٿ ڏوئيندو ۽ ڪٽ تي ماني کائيندو، ان جو رزق تنگ ٿيندو.

نقل 38: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪپڙو خيرات ڪري تہ سڄو ۽ نئون ڏي جيڪو پي کي ٻہ ڪم اچي ۽ ڪافي ٿئي جيڪڏهن پراڻو هجي تہ اهڙو ڪري جو ڪنهن کي ٻہ ڪم نہ اچي.

نقل 39: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن نظاماڻي جلواڻي (پاڙو) جي فقيرن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا آرام ڪرڻ وقت ٻانهي پير سائين جن کي زور ٿي ڏنا، ايتري ۾ هڪ فقير مون کي اچي چيو تہ تون پري ٿيءُ، آئون ٿو پير سائين جن کي زور ڏيان. ٻانهي ان کي جواب ڏنو تہ اسين پري ٿيڻ وارا نہ آهيون، توکي زور ڏيڻ کان منع ڪونہ آهي ايتري ۾ پاڻ سڳورا جاڳي پيا ۽ ان ڏانهن نظر فرمايائون، فقير عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کي سڃاڻو ٿا؟ پارت هجيو، منهنجي هڪ اک آهي. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ هائو توکي سڃاڻون ٿا فقير گهڙي کن ماڻ ڪري وري عرض ڪيو تہ حضرتا! خدا جي خلق کي ڇا لاءِ پريشان ڪيو اٿو جيڪا حقيقت آهي سا ظاهر ڪري سمجهايو؟ پير سائين جن فرمايو تہ تو چيو ٿي تہ آئون هڪ اک رکان ٿو، پر تون تہ ٻيئي اکيون ڪونہ ٿو رکين ۽ بلڪل نابين آهين.

نقل 40: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ديهہ وڳڙ ۾ ڪٽ تي تشريف فرما هئا، اتي اوچتو هڪ مجذوب اچي حضور ۾ وينو ۽ پير وارن فقيرن کي چوڻ لڳو تہ توهان پير سائين جن کي ڪونہ ڏنو آهي ۽ نہ سڃاتو آهي مون تہ پير سائين جن کي ڏنو آهي ۽ سڃاتو ٻہ آهي توهان سڀ پيٽ پوڄيندڙ، رب ڪائو آهيو! پوءِ پاڻ ڪريمن کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو تہ حضرتا! ائين آهي، جيئن مان چوان ٿو يا نہ؟ پير سائين جن کوبہ جواب ڏيڻ نہ فرمايو، بلڪ ماڻ ڪريو ان ڏانهن

ٿي ڏنائون وري چيائين ته اڄ رات مون اوهان کي شيخ الاعظم جي مجلس ۾ ڏٺو هو جو اوهان اتي وينا هئا ۽ مان ب حاضر هيس. پاڻ ڪريمن هن ڳالهه ٻڌڻ شرط فرمايو ته اي يار! اسان تي ڪوڙ نه هڻ اسان کي ته خبر ئي نه آهي ۽ اسان پنهنجي جاءِ تي ستا پيا هئاسون، جيڪي تون چوين ٿو تون ڄاڻ اسان تي اهڙا ڪوڙ نه هڻ.

نقل 41: ميان ابراهيم (مانجهند جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو ته، هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو ته اهلبيت، گهر وارن کي چيو ويندو آهي، هي شرف اصل ۾ انهن اهلبيتن کي حاصل هوندو هو ۽ هنن اهلبيتن کي انهن جي ڪري آهي ۽ هيءَ حقيقت صوري آهي ۽ هو حقيقت معنوي آهي جيڪو انهيءَ معنيٰ جي حقيقت کي پهتو اهو اهلبيت آهي.

نقل 42: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن فرمايو ته حسن ب قسم آهي هڪ جيڪو محتاج آهي سون ۽ زيور جو پيو جيڪو سينگار جو محتاج نه هجي، بلڪ سينگار ۽ سمورا سبب ان جا محتاج هجن.

نقل 43: عبدالله فقير ابڙو نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر تي، رڙي ديهه جي فقيرن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا هئا، جڏهن اتان ٻاهر آيا، تڏهن پڇيائون ته هن شهر جو نالو ڇا آهي؟ فقيرن عرض ڪيو ته حضرتا! هن جو نالو رڙي آهي. پاڻ نالو ٻڌي ڪجهه ملول ٿيا ۽ ڪجهه ب نه ڳالهايائون، جڏهن اتان فتح پور جي فقيرن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا، تڏهن فرمايائون ته هن شهر جو نالو ڇا آهي؟ فقيرن عرض ڪيو ته فتح پور. پوءِ پاڻ فرمايائون ته هاڻي فتح آهي ۽ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ان شهر ۾ هڪ هزار ماڻهو بيعت ڪري مريد ٿيا، ۽ رڙيءَ ديهه ۾ فقط ست اٺ ماڻهو مريد ٿيا هئا.

نقل 44: عبدالله فقير نقل ڪري ٿو ته منهنجو پاڻ هن دنيا مان وفات ڪري ويو، هڪ پيري عاشوري جي ڏينهن، حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر ٿي عرض ڪيم ته منهنجي پاڻ جي قبر تي ڪڏهن تشريف آڻيو؟ پاڻ فرمايائون ته اڄ عاشوري جو ڏينهن آهي پوءِ بي ڏينهن منهنجي پاڻ جي قبر تي اچي ختمون بخشيائون. ايتري ۾ هڪ فقير عرض ڪيو ته حضرتا! مون لاءِ ب دعا گهرو ته منهنجي ب هت قبر ٿئي، جتي اوهان قدم گهمايا آهن؟ پاڻ سندي لفظن ۾ جواب فرمايائون:

هڙ ۾ هوءِ تماڪ ته جهنگ مڙويئي دائرو.

نقل 45: خليفو ميان غازي خال تالپر نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن فرمايو ته مهيني جي آخري تاريخن، جن ۾ چنڊ نه اپرندو آهي، انهن ۾ شادي جو ڪم نه ڪجي، ۽ سفر ۾ ب وڃڻ نه گهرجي.

نقل 46: بجار فقير تالپر ماباڻي نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ هڪ دفعي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حاضر هيس ايتري ۾ عباس فقير سهتو، جنهن ميان بچل پيرزادي کي ڏکايو هو ۽ اهو قصو پير سائين جن وٽ پهتل هو اهو قدم بوسي ڪرڻ آيو پير سائين جن کيس هٿ مبارڪ نہ ڏنو ۽ فرمايائون تہ توهان وچن جهڙا آهيو، جو ماڻهن کي ايذاءُ پهچايو ٿا پوءِ اسان وٽ ڇا لاءِ ٿا اچو؟ اسان کي توهان دنيا وارن کان، عاجزي وارا وڌيڪ پسند آهن.

نقل 47: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ باغيچي اندر وينو هيس، ان وقت عرض ڪيم تہ حضرتا! باغ جا وڻ، ڪک ۽ پن سپيئي ذڪر ڪن ٿا؟ پاڻ فرمايائون تہ هي سپيئي ذڪر ۾ آهن پر تون پاڻ کي ڏس.

نقل 48: محمد خان نظاماڻي ڪامئواڻي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن اسان جي ڳوٺ ۾ تشريف فرما ٿيا هئا ۽ پير سائين جن جي روانگيءَ وقت پنهنجي گهوڙي جيڪا ڏهري ۽ قد جي ننڍي هئي، کين سواريءَ لاءِ پيش ڪيم! پاڻ ان تي سوار ٿيا، پوءِ عرض ڪيم تہ هي ڏهري ۽ چوتي گهوڙي پنهنجي حال بيان ڪرڻ لاءِ حاضر ڪئي اٿم؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ڏسڻ ۾ ضعيف آهي پر همٿ ۾ مضبوط آهي.

فصل پيون
مستن جي مقال

نقل 1: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ ہہ مجذوب هئا، هڪ هندو، ٻيو مسلمان لاڙڪاڻي شهر ۾ وقت بوقت پاڻ ۾ ملندا هئا مسلمان مجذوب، هندو مجذوب کي چيو تہ چئو "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ (ﷺ)" هندو مجذوب چيو "لَآ اللهُ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ الرَّسُوْلُ اللهِ" مسلمان کيس صحيح نموني کلمو پڙهڻ تي زور ڏنو تنهن تي هندوءَ مسلمان کي سنڌي زبان ۾ چيو تہ: "هاڙيا هي ور وڪڙ ڪٽي ڇڏ" مسلمان، هندوءَ کي چيو تہ اها ڳالهہ تڏهن ٿو چوين، جو شريعت جا لکڙ نہ چکيا اٿئي؟ پير سائين جن هن نقل تي خوش ٿيندا هئا.

نقل 2: هڪ ڏينهن پير سائين جن حضرت ميان صاحب جن کان نقل ارشاد فرمايو تہ هڪ ڏينهن پاڻ ڪنهن هندوءَ جي مسلمان ٿيڻ جي معاملي متعلق درياءَ کان ٻي طرف هڪ جاءِ تي پهتا جتي هڪ مجذوب صاحب ڪشف جو هو، پاڻ دل ۾ خيال ڪيائون، ان معاملي ۾ هن مجذوب کان فال وٺون ايتري ۾ ان مجذوب چيو تہ ڪارڙو ڪارڙو ڪبهڙي مار وڌائون (شينهن آخر شينهن آ، پر ڪبوتري ماري وڌائون) پوءِ انهيءَ شهر ۾ پهتا، ان هندوءَ جي اسلام جا شاهد حاضر نہ ٿيا ۽ ٻيا شاهد هڪ هندو عورت جي اسلام جا ٿيا، پاڻ ان کي مسلمان فرمائي واپس موٽيا.

نقل 3: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ کهڙن جو هڪ شخص مجذوبن جي جماعت مان هو جنهن جي عادت هئي جو جيڪڏهن ڪو شادي ڪندو هو تہ ان جي پرسان ٻيهي هي سنڌي لفظ چوندو هو: اي متان ڙي متان يعني شاديءَ کي ويجهو نہ وڃ جڏهن ان جو نڪاح پڙهندا هئا تہ تاڙيون وڄائي هي سنڌي لفظ چوندو هو "ڦاٽو، ڙي گيدي ڦاٽو" يعني هي پست همٽ وڏي قيد ۾ بند ٿيو.

نقل 4: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو تہ هڪ دفعي درگاهہ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ حاضر هيس، ايتري ۾ محبت الاهيءَ جو مست مخدوم ابراهيم ۽ قاضي محفوظ نصرپوري پاڻ ۾ گفتگو شروع ڪئي تہ ان مست قاضيءَ کي سخت ٽٺڙ منهن تي هٽي ورتي. قاضيءَ حضور ۾ اچي دانهن ڏني، پير سائين جن ابراهيم فقير کي گهرائي تنبيه فرمائي، حڪم فرمايائون تہ اسان جي جماعت مان نڪري وڃ هو ہہ مجذوب هو چوڻ لڳو، وٽ پنهنجي جماعت، مان وڃان ٿو.

پاڻ ڪريم جن قاضيءَ جي دانهن تي ڪنهن قدر رنج ہہ ٿيا. مجذوب ٻن ڏينهن کان پوءِ موتي

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

آيو، ۽ قدم بوسي ڪري چوڻ لڳو يار! هليو ته ويس، پر توکان سواءِ گذاري نه سگهيس. تنهن تي پير سائين جن مرڪندي ڪيس پاڪ ۾ ورتو.

نقل 5: عبدالله فقير شاعر نقل ڪري ٿو ته هڪ دفعي حضرت پير سائين جن خيرپور کان واپس درگاهه مبارڪ موٽيا ٿي آيا وات تي هڪ مجذوب کين عرض ڪيو ته "قبلا اسان چريا نه آهيون، تڏهن به خلق اسان کي چريو چوي ٿي" پاڻ جواب ۾ فرمايائون:

چريو سوئي لوڪ، جو چرين کي چريو چوي
چرين ڏٽو سو ٿوڪ، سياڻا سڪن جنهن کي

فصل ٽيون
نبين سڳورن جي فضيلت

نقل 1: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضرت دائود ڪو وقت پنهنجن پٽن کان وڇڙي ويو هو گهٽي مدت بعد جڏهن پنهنجي گهر موٽڻ لڳو تہ ان جي پٽن کي خبر پئي تہ هو سندس استقبال لاءِ اڳتي وڌي آيا. پوءِ هڪ ٻڌڙي کي وات سان ايندو ڏسي ان کان دائود جي خبر پڇيائون حالانڪ اهو ئي تہ دائود پاڻ هو) جنهن کي پٽن کونہ سڃاتو هو.

اي عزيز! جڏهن نبيءَ سڳوري کي سندس پٽن نہ سڃاتو تہ اهي ظاهر وارا عارفن جي نقطن کي ڇا سمجهندا، جن کي نسبت جي ڪابہ خبر نہ آهي. مشهور آهي تہ " اَلْوَلِيُّ يَعْرِفُ الْوَلِيَّ" يعني ولي الله کي ولي ئي سڃاڻيندو آهي.

نقل 2: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ ڏنڊ هئي، ان جو پاڻي درياءَ جي پاڻي سان ڳنڍيل هو. ان ڏنڊ ۾ ٽي مڇيون اڇي رهڻ لڳيون، تن مان هڪ سياڻي، ٻي اڌ سياڻي ۽ ٽين صفا بي سمجهه هئي. اتفاقًا مهاڻن کي خبر پئي تہ هن ڏنڊ ۾ ٽي مڇيون آيون آهن، تن درياءَ جي پاسي کان ڇار وجهڻ جو سعيو ڪيو. سياڻي مڇي ان ڇار پوڻ کان واقف ٿي، سنگت کي چيو تہ هي پاڻي فاني آهي، اچو تہ درياءَ ڏانهن نڪري هلون تڏهن ٻين چيو تہ اڄان پاڻي گهٽو آهي ٻہ ٽي ڏينهن هت گهمئون پوءِ درياءَ ڏي هلنداسون جڏهن سياڻي مڇي ڏنو تہ هي نہ ٽيون هلن، تڏهن اها بنا دير ڏنڊ مان نڪري درياءَ ڏي هلي وئي تيستائين مهاڻن ٻہ اڇي ڇار وڏو پوءِ اڌ سياڻي مڇي، اهو حال ڏسي گهٽو پشيمان ٿي ۽ چيائين تہ مون غلطي ڪئي، ڪاش جو مان ٻہ ان (سياڻي) مڇي وانگر، هن مصيبت نازل ٿيڻ کان اڳ، پنهنجو بچاءَ ڪيان ها! جيئن تہ:

علاج واقعہ پيش از وقوع بايد کرد
دريغ سودندارد چون رفت کاراز دست

(يعني تڪليف پهچڻ کان اڳ ئي علاج سوچڻ گهرجي، جڏهن ڳالهہ هٿان نڪري وئي تہ افسوس ڪرڻ مان ڪجهہ ٻہ نہ ورندو)

هاڻي جڏهن تہ پڇڻ جي جاءِ نہ آهي، تنهن ڪري ڪنهن حيلي بهاني سان جان بچائجي سو پاڻ کي مئل مڇي وانگر، ڪيرو ڪري، پاڻي مٿان لڙهڻ لڳي، پوءِ مهاڻن ان کي مئل سمجهي، ڪٽي درياءَ ۾

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ستيائون ۾ ان ميڃي، انهيءَ هيلي سان پاڻ بچائي ورتو چوندڙ کھڙو نہ سنو چيو آهي:

بمیر ای دوست گر خواهی رهائی
که بے مردن، نیابی آشنائی

(يعني اي دوست جيڪڏهن چوٽڪارو گهرين ٿو تہ فنا ٿي وڃ تہ موت بغير معرفت نہ ملندي آهي)

۾ ٽين ميڃي جيڪا نا سمجھ هئي سا اهو حال ڏسي گهٽو حيران ۾ پريشان ٿي ۾ هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳي ۾ آخر ڃار ۾ وڃي ڦاتي. ڃار ٻاهر ڪيڏيائون تہ هيءَ ڦٽڪڻ لڳي پوءِ اجل جي ڪنڊي ان جي مغز ۾ هنيائون تڏهن هن سنيارين تہ منهنجا سنگتي ڪاڏي ويا ۾ مون کي مهاڻن غفلت جي ڪري موت جي ڃار ۾ ڦاسائي وڌو.

ان جاءِ تي حضرت پير سائين جن فرمايو تہ. دانا ميڃيءَ مان مراد نبي سڳورا آهن جيڪي پاڪائي ۾ پرهيزگاري سان سينگاريل آهن "وَالسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ " (سورة التوبة: آيت ۱۰۰) ۾ هر خير ۾ اڳ ڪٽي ويندڙ آهن ۾ دنيا جي گندگي جي ڦاهي کان سلامت بچي، وحدت جي درياءَ ۾ مستغفرق ٿي ويا آهن:

جنهن پاڻيءَ ۾ پؤنرا، چلڙ، چڪ گهٽي،
ويا چت ڪٽي، تنهن سر مٿان هنجهڙا

۾ اڏ عقل واري ميڃيءَ مان مراد ولي سڳورا آهن. جڏهن ڄاتائون تہ دنيا جي خيالات جو ڃار چوگرد ستيل آهي ۾ ان کان چوٽڪارو، ڪنهن حيلي کانسواءِ ممڪن نہ آهي، تہ انهن پاڻ کي مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا، مرڻ کان اڳ ماري، پنهنجو سر ساهہ بچائي، وحدت جي درياءَ ۾ پهتا آهن:"فَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ" (سورة الفاطر:آيت ۳۲) (انهن مان کي درمياني واٽ وارا آهن) انهن جي حال تي شاهد آهي ۾ صفا بي سمجھ ميڃيءَ مان مراد دنيادار ماڻهو آهن. جيڪي هن فاني جهان جي ڏنڊ ۾ شهوتن ۾ نفساني خواهش جو گاهہ، پنهنجي دل جي خواهش تي چرن ۾ ڪائن پيئن ٿا ۾ موت جي شڪاري جي پڪڙ کان غافل آهن: "فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ" (سورة الفاطر:آيت ۳۲) (انهن مان کي پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪرڻ وارا آهن) انهن جي حال تي شاهد آهي، پوءِ آخر اجل جو شڪاري، انهن کي اچي ڦاسائي ٿو ۾ موت جي ڪنڊي سندن حياتي جي گردن ۾ وجهي ٿو. تڏهن اهي مَکِ وانگر افسوس جا هٿ مٿي تي ۾ سوداءِ وارو مٿو دروازي تي هٽندا آهن پر ان وقت اهو کين نفع نہ ڏيندو آهي "اَلنَّاسُ نِيَامٌ اِذَا مَاتُوْا فَانْتَبَهُوْا" ان حقيقت ڏانهن اشارو آهي.

نقل 3: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضور اڪرم ﷺ جن جون ۽ حالتون هيون هڪ سڪر

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جي (مڪمل استغراق جي) ٻي صحو جي (معمول موجب حالت) الله تعاليٰ جو ڪلام، قرآن پاڪ سڪر جي حالت ۾ متن نازل ٿيندو هو باقي صحو ۾ سندن گفتگو جو نالو حديث شريف آهي انهن ٻنهي ڪلامن کي جدا ڪندڙ، عقل ڪل حضرت جبرائيل آهي مولانا جامي رحمة الله عليه ڪهڙو نه سنو چيو آهي:

نه بشر خوانمت اے دوست، نه حورو نه پری
این همه بر تو حجاب اند تو چیزے دیگری

(اي دوست! مان توکي نه ته بشر ٿو چوان، نه حور ۽ نه پري، اهي سڀ تو تي پردا آهن، تون ته ڪا ٻي شيءِ آهين)

مولانا روم فرمايو آهي:

گرچه قرآن ازلب پیغمبر است،
هر که گوید حق نگفته کافر است

(قرآن پاڪ جيتوڻيڪ پيغمبر جي زبان کان نڪتل آهي، پر جيڪو انهيءَ کي خدا جو ڪلام نه سمجهي سو ڪافر آهي)

نقل 4: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو ته جڏهن سورت " اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ " نازل ٿي ۽ حضور سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم جن، اها سورت تلاوت ڪئي ته حضرت عباس رضي الله عنه ٻڌي روئڻ لڳو. پاڻ سونهارن ان کان روئڻ جو سبب پڇو حضرت عباس رضي الله عنه عرض ڪيو ته قبلا! هن مان اوهان جي لاڏاٽي جو اشارو سمجهه ۾ آيو تنهن ڪري روئڻ لڳس. پاڻ فرمايائون ته برابر اها ڳالهه صحيح آهي. پوءِ پاڻ سونهارن ٻن سالن گذرڻ بعد هن جهان مان لاڏاٽو فرمايو. صحابي سڳورا هن سورت کي موڪلاٽي جي سورت جي نالي سان به سڏيندا هئا، انهيءَ سورت جي نازل ٿيڻ تي پاڻ ڪريمن پنهنجي نياڻي سڳوري بيبي فاطمة الزهره کي سڏي پنهنجي وصال جي خبر ٻڌائي ته:

هن جهان کان موڪل جو حڪم آيو هو تنهن ڪري،
سفر جو سامان تيار ڪري موڪل جو ارادو آهي

بي بي سائڻ جدائي جي اها خبر ٻڌي بي اختيار رني تنهن تي پاڻ سونهارن کيس تسلي ڏيندي فرمايو ته "سمورن اهلبيتن کان پهريائين مون سان تون ئي ملندينءَ" تڏهن بيبي سائڻ خوش ٿي.

اي عزيز! حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله عليه جن فرمائيندا هئا ته انهيءَ سورت نازل ٿيڻ کان پوءِ حضور سرور ڪائنات جن اڪيلائي پسند فرمائيندا هئا ۽ ڪنهن سان وڌيڪ الفت ڪرڻ گهٽ ڪندا هئا ورد ۽ وظيفن جي بنسبت استغفار ۾ وڌيڪ مشغول هوندا هئا.

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 5: خليفو لقمان فقير نقل ڪري ٿو ته هڪ پيري حضرت پير سائين جن "اَلْوِلَايَةُ اَفْضَلُ مِنَ النُّبُوَّةِ" جي جملي بابت فرمايائون ته انهيءَ جون به معنائون ٿي سگهن ٿيون هڪ هيءَ ته نبي سڳوري کي خدا سان وحيءَ جي ذريعي واسطو هوندو آهي ۽ الله جي ولي کي کوبه وچ ۾ واسطو ڪونه هوندو آهي (حالانڪه بي واسطي سندس تعلق به حقيقت ۾ ان جي نبيءَ جو ئي صدقو آهي) ظاهري واسطي نه هجڻ سبب ولايت (جيڪا نبيءَ جي هجي) کي نبوت کان افضل چيو اٿن پي معنيٰ آهي ته ڪنهن وقت نبي سڳورو ولي الله سبحان کو مقام حاصل ڪندو آهي، جڏهن ته خود ولي الله کي فيض به سندس ئي عطا ڪيل آهي جيئن کو سخي پنهنجو خزانو ڪنهن خزانچي وٽ رکي ۽ ضرورت وقت، ان وٽان گهرائي ونڊي، جيڪو سندس ئي ملڪيت آهي، مگر بظاهر هن وٽانئس گهرايائين انهيءَ مفهوم مان: "اَلْوِلَايَةُ اَفْضَلُ مِنَ النُّبُوَّةِ" به چوندا آهن.

نقل 6: هڪ پيري پانهو حضور پر نور حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ حاضر هو مٿئين جملي "اَلْوِلَايَةُ اَفْضَلُ مِنَ النُّبُوَّةِ" جي تشريح ڪندي فرمايائون ته نبوت ۽ ولايت جو اهو فرق نبيءَ جي ولايت ۽ سندس نبوت جي باعتبار آهي نه ڪي نبي ۽ غير نبي جي اعتبار کان، جو ته ولي الله، نبي الله کان افضل ته ڇا پر برابر هجڻ جو تصور به ناممڪن آهي (جيئن ته نبي الله خلق کي، خدا ڏانهن خدا جي حڪم سان دعوت ڏيندڙ جي حيثيت ۾، صاحب نبوت آهي ۽ دربار احديت جي طرف خالص توجه جي حيثيت سان صاحب ولايت جو آهي ۽ ان طريقي سان ولايت (جي صفت) نبوت جي صفت کان افضل آهي جڏهن ته بي سمجهن ولي الله جي ولايت کي نبي الله جي نبوت کان افضل سمجهڻ جو فاسد وهم گهڙيو آهي جو انهيءَ بيهوده وهم سبب چيو اٿن ته ولي الله جو منهن، فقط ذات پاڪ جل شانه ڏانهن آهي ۽ نبي الله جو توجه خلق ڏانهن آهي فقط ايتري ڳالهه نبوت کان ولايت جي فضيلت جو دليل نڪي ٿي سگهي بلڪ حقيقت اها آهي ته ڪيترا ولي الله وحدت جي درياءَ مان ايايل موتيا آهن ۽ اڄ سبب ئي سندن توجه فقط انهيءَ طرف آهي جڏهن ته نبي سڳورا ايترا ته سيراب ۽ ڀاول آهن، جو سندن اڄ بلڪل ختم ٿي ويل آهي ۽ انهيءَ سبب سندن توجه خلق کي خالق ڏانهن سڏڻ طرف آهي ۽ ولين جو توجه گهٽو ڪري ذات پاڪ ڏانهن ۽ ٿورو خلق جي دعوت ڏانهن به هوندو آهي.

اي عزيز! هن مثال ۾ ائين سمجهه ته هڪ ڀاول آهي ۽ ٻيو ايايل ۽ بکيو پوءِ پهريون آرام سان ننڊ ڪندو ۽ ٻئي کان ننڊ کي کوهه پري هوندي.

نقل 7: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن، حضرت عڪاشه رضي الله عنه جي روايت بيان ڪئي ته حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن صحابين سڳورن کي فرمايو ته جيڪو ربيع الاول جي چنڊ جي خبر ٻڌائيندو تنهن کي مان جنت جي بشارت ڏيندس پوءِ حضرت عڪاشه رضي الله عنه ئي پهريان چنڊ جي خوشخبري اچي ٻڌائي پاڻ

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سڳورن مرکي حضرت عڪاشہ کي وعدي مطابق جنت جي خوشخبري ڏنائون، صحابين سڳورن عرض ڪيو تہ حضرتا! ربيع الاول جي چنڊ جي خبر تي ايتري خوشي ڪهڙي سبب آهي؟ ارشاد فرمايائون تہ منهنجي ولادت ان ۾ ٿي ۽ منهنجو وصال بہ انهيءَ مهيني ۾ ٿيندو، انهيءَ کان پوءِ بين صحابين سڳورن بہ چنڊ جي خوشخبري عرض رکي، مگر پاڻ فرمايائون تہ اسان کي تہ عڪاشہ ئي اڳ ۾ خبر ٻڌائي آهي.

نقل 8: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا و عليه السلام کي جڏهن ملائڪ چوٿين آسمان تي وٺي آيا، تڏهن ڪيس ايان بلندي تي پهچڻ جو خيال ٿيو فقط ايتري خيال سبب سندس عروج اتي روڪيو ويو مگر جڏهن اسان جي آقا حضرت محمد رسول الله ﷺ کي معراج ماڻايائون تہ پاڻ سونهارن، آسمان عرش، ڪرسي، جنت، دوزخ وغيره جي مشاهدي جي باوجود ڪٽي بہ اهڙو خيال نہ آندائون تان تہ الله تبارک و تعاليٰ جي پنهنجي مٽي مبارک جي اکين مبارکن سان زيارت ڪيائون، اهو مقام فقط اسان جي نبي سڳوري کي مليو ۽ بس ۽ اسان جو ئي نبي آخري نبي ۽ ڪائنات جي تخليق جو سبب آهي (ﷺ).

نقل 9: هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه کان هڪ يهودي قرض لهڻندو هو هڪ دفعي حضرت سرور ڪائنات ﷺ جن ۽ صحابين جي موجودگيءَ ۾ يهودي اچي، صديق اڪبر کان تلخ لهجي سان قرض گهريو. حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه جيستائين ماڻ هو، تيستائين حضور سرور ڪائنات ﷺ جن مرڪندا رهيا، پر جڏهن يهودي حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه جي والد کي گهٽ وڌ ڳالهايو، تڏهن حضرت صديق اڪبر جوش ۾ اچي جواب ڏنو تہ تنهنجو پيءُ ههڙو آهي وغيره اهو ٻڌي حضور سرور ڪائنات ﷺ جن ڪنهن قدر رنجيده ٿي اٿيا، هڪ صحابي عرض ڪيو، قبلا اڳ ۾ اوهان مرڪندا رهيا، بعد ۾ اوهان ناراض ٿي اٿيا، سو ڇو؟ پاڻ فرمايائون جيستائين ابوبکر صديق ماڻ هو، تيستائين يهودي کي سندس بيهوده گفتگو جو جواب ملائڪ ڏيئي رهيا هئا، پر جڏهن ابوبکر صديق مقابلو ڪيو، تڏهن مجلس ۾ شيطان اچي ويو ۽ اهڙي مجلس ۾ نبين کي ويهڻ نہ گهرجي.

ان مقام تي پير سائين جن هي نڪتو بيان فرمايو تہ جڏهن ابوبکر صديق رضي الله عنه يهوديءَ جي بدڪلامي جو مقابلو شروع ڪيو، تڏهن بيائي پيدا ٿي، جنهن سبب شيطان آيو مشهور آهي تہ: "اَلسَّلَامَةُ فِي الْوَحْدَةِ وَالْآفَاتُ بَيْنَ الْاِثْنَيْنِ" يعني اڪيلائيءَ ۾ سلامتي ۽ بيائي ۾ مصيبت آهي.

نقل 10: هڪ دفعي حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان فرمايائون تہ هيڪر حضور سرور ڪائنات ﷺ جن حجري شريف ۾ وضو فرمائي اڳڻ وٽ نفل پڙهيائون ڪنهن بيبي سڳوري عرض ڪيو تہ قبلا! اتي تہ بارن جي اٿڻ ويهڻ سبب، جاءِ احتياط جوڳي نہ رهي هوندي. پاڻ جواب ۾

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فرمايائون تہ اسان لاءِ الله تعاليٰ سموري زمين پاڪ فرمائي آهي.

نقل 11: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري مون حضرت پير سائين جن کان پڇيو تہ حضرتا! حضور سرور ڪائنات ﷺ جن ڪنهن بيماريءَ سبب ڪا دوا استعمال فرمائي آهي ڇا؟ جواب ۾ فرمايائون تہ هڪ دفعي حضور سرور ڪائنات ﷺ جن بيماري ۾ بيهوش ٿي ويا، تڏهن بيبي ماريہ قبطيہ ڪنهن شيءِ جي ناس ڏاهي، نڪ مبارڪ ۾ وڌي پاڻ سونهارن هوش اچڻ تي ناس بابت پڇيو؟ بيبي سڳوري عرض ڪيو تہ قبلا هيءَ ناس اسان جي ملڪ ۾ "ذات الجنب" جي بيماريءَ دفع ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن پاڻ فرمايائون اها شيطاني بيماري آهي ۽ الله تعاليٰ اسان نبين کي انهيءَ کان محفوظ رکيو آهي.

فصل چوٿون
اصحابن سڳورن جي فضيلت

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضور ﷺ جن جا اصحابي سڳورا تمام گهٽا آهن، انهن مان ڏهہ سيني کان پلارا آهن جيڪي عشرة المبشرين جي لقب سان موصوف ۽ مشهور آهن پير سائين جن فرمايو تہ حضور ﷺ جن جو پهريائين قبلو بيت المقدس هو، پاڻ ان ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهندا هئا هڪ ڏينهن ٽيپهريءَ نماز جون ٻہ رڪعتون بيت المقدس ڏانهن ادا ڪيائون تہ ايتري ۾ وحي آيو: "فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ" (سورة البقره: آيت ۱۴۹) (مسجد حرام ڏانهن متوجہ ٿيو) حضور ﷺ جن، الله تعاليٰ جي حڪم سان (انهيءَ جاءِ تي جنهن کي هن وقت مسجد قبلتين چوندا آهن) منهن مبارڪ ڦيرائي باقي ٻہ رڪعتون بيت الله ڏانهن منهن ڪري ادا ڪيائون ان وقت جيڪي ٻہ اصحابي نماز ۾ داخل ٿيا، انهن نماز پيچي ڇڏي، مگر عشرة المبشرين (ڏهن پلارن) حضور ﷺ جن جي پويان نماز پوري ڪئي. انهيءَ بيان ڪندي پير سائين جن عشق ۽ ڪمال شوق کان فرمايو تہ جن اصحابن جو قبلو بيت المقدس هو، انهن نماز پيچي وڌي، مگر انهن عشرت المبشرين جو قبلو ذات پاڪ حضور ﷺ جن جي هئي، تن نماز نہ پڄي ۽ پوري ڪيائون پوءِ اهي الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ اهڙا تہ مقبول ٿيا، جو بشارت جي شرف سان نوازيا ويا! انهن ظاهري قبلي جي ڪري نماز پڄي ۽ هنن حقيقي قبلي ڏانهن منهن ڪري نماز پوري ڪئي. خواجہ حافظ شيرازي رحمۃ اللہ علیہ هت فرمايو تہ:

دوش از مسجد سوئے ميخانہ آمد پير ما
چيست ياران طريقت بعد زين تدبير ما

(ڪالهہ رات اسان جو پير مسجد کان شراب خاني ۾ آيو طريقت جي دوستن جي هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟)

ما مريدان روبسوئے کعبہ آريم چون
روبسوئے خانہ خمار دارد پيرما

(اسان مريد ڪعبہ ڏانهن منهن ڪيئن ڪيون؟ جو اسان جو پير تہ ميخاني ڏانهن منهن ڪيو بينو آهي)

نقل 2: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ سڄي زمين جا ولي سڳورا اصحابي جي جتي مبارڪ جي

ڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

برابر نہ آھن ڇو تہ اھي حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي صحبت کان مشرف ٿيا ۽ امت جي ٻين ولين جو، جسم جي اکين سان حضور ﷺ کي ڏسڻ محال آھي.

اي عزيز! پير سائين جن جو ھي فرمائڻ تہ سڄي زمين جا ولي سڳورا اصحابين جي جتي مبارڪ جي برابر نہ آھن، اھو سندن حضور اڪرم ﷺ جن سان بي انتها عشق ۽ محبت جي غلبي کان ھو.

نقل 3: ھڪ ڏينھن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ جنھن بہ اصحابي حضور ﷺ جن جو منھن مبارڪ ھڪ دفعو ڏٺو، ان کي ولايت جا سمورا ڪمال، ڪُلي جزي درجا ھڪ ئي نظر سان حاصل ٿي ويا ھئا، جڏھن تہ امت جي ولين کي، برگزيده نبين جي ڪمالن جي جھلڪ ۽ اصحابين سڳورن جا ڪمال ھٿ اچڻ، سو بي انداز تڪليف، عروج، نزول، عشق محبت ۽ ڪمال جذبي سان آھي اھي سمورا ڪمال اصحابين سڳورن کي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ھڪ نظر سان حاصل ٿي ويا ھئا جيئن حديث شريف ۾ آيل آھي "اَصْحَابِیْ كَالنُّجُوْمِ فَبِاَيِّهِمْ اِقْتَدَيْتُمْ اِهْتَدَيْتُمْ" پير سائين جن ھن حديث جو مطلب ھن ريت بيان فرمايو تہ: عرب ولايت ۾ ماڻھو برپٽ ۽ سمنڊ ۾ سفر جي وقت، تارن کان رھبري ونندي پنھنجي منزل تي پھچندا ھئا، اھڙي طرح اصحابين سڳورن جي اقتدا اھل ڪمال جي اقتدا آھي، پر اقتدا اھڙي ڪرڻ گھرجي جو "مرده بدست زنده" يعني جيئن مئل جيئري جي ھٿ ۾ ھجي! جو پنھنجي ھستيءَ کي فنا ڪري ڇڏي ڇو تہ جيستائين ھستي باقي ھوندي، تيستائين مرشد تصرف جو ھٿ مٿس نہ رکندو جيئن چيو اٿن:

تا تو ھستی خويش رانگذاشتی
فيض کامل را بہ ہرگز نيافتی

(جيستائين تون ھستي نہ ڇڏيندين، تيستائين ڪامل وٽان فيض حاصل نہ ڪندين)

نقل 4: عبدالله فقير ابڙو جيھيجي (امام واھ جي پرسان ھڪ ديھ) جو رھندڙ نقل ڪري ٿو تہ ھڪ ڏينھن حضرت پير سائين مثنوي پڙھڻ کان فارغ ٿي ويٺا تہ ھڪ فقير ھن ارادي سان تہ مرشد جي حضور ۾ ٿورو اچڻ، گھٽي اچڻ کان بھتر آھي اچي عرض ڪيو تہ حضرتا! حضرت اويس قرني رضی اللہ عنہ تہ حضور ﷺ جن جي وصال کان پوءِ ڪمال حاصل ڪيو پاڻ جوش ۾ اچي فرمايائون تہ رسول خدا ﷺ جن جا اصحابي پلا آھن يا اويس قرني؟ فقير کي جواب جي طاقت نہ رھي ۽ ماڻ ڪري ويھي رھيو پاڻ فرمايائون تہ اي يار! حضور ﷺ جا صحابي سڳورا گھٽي صحبت جي ڪري سيني کان پلارا آھن ۽ حضرت اويس قرني رضی اللہ عنہ جي شان ۾ حضور ﷺ جن "خيرالتابعين" فرمايو آھي.

نقل 5: حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت خواجہ حسن بصري رحمۃ اللہ علیہ کي ماڻھن عرض ڪيو تہ حضرتا! رسول الله ﷺ جن جا اصحابي سڳورا ڪيئن ھئا ۽ انھن جو طريقو ڪھڙو ھو؟

ڪنديره پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حضرت خواجہ صاحب فرمايو تہ جيڪڏهن توهان کي اصحابي سڳورا ڏسن ها تہ چون ها، هي ڪافر آهن جيڪڏهن توهان اصحابين سڳورن کي ڏسو ها، چئو ها تہ هي چريا آهن پير سائين جن فرمايو تہ ان وقت تابعين جي زماني ۾ هڪ طبقو گذريو هو، جو ايترو فرق اچي ويو، هاڻي ڏهاڪو طبقا گذرڻ بعد، خدا ڄاڻي ڪهڙو حال ٿيندو؟

نقل 6: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضور ﷺ جن وٽ هڪ اعرابي اسلام آڻڻ لاءِ آيو اسلام جو ابتدائي دور هو، پاڻ ان کي ڪلمو طيب پڙهائي فرمايائون تہ هن ڪم کي لڪائي ڪجانءِ اعرابي اجازت ونئي بيت الله ڏانهن طواف ڪرڻ ويو، ڪعبي جو طواف ڪندي محبت جي غلبي کان بلند آواز سان ڪلمو طيب پڙهڻ لڳو مڪي جي ڪافرن ڪلمو شريف ٻڌي اعرابي کي ڏاڍو ماريو، ايتري قدر جو بيهوش ٿي ويو پوءِ مڪي شريف جي رئيسن، ماريندڙن کي روڪيو تہ هن جي ڳوٺ مان مڪي جي قافلن جو گذر آهي، متان سندس ڳوٺ وارا قافلا نہ لٽين پوءِ حضور ﷺ جن فرمايو تہ توکي حڪم مخفي ڪرڻ جو هو انهيءَ شخص حضور ۾ بلند آواز سان عرض ڪيو تہ هي ڪلمو طيب حق آهي، هن کي لڪائڻ نہ گهرجي.

نقل 7: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ هڪ اصحابي سڳورو سفر ۾ فوت ٿي ويو، ڳولا ڪئي ويئي تہ ان جو لاش مليو ۽ ڪفن لاءِ سندس گودڙيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪپڙو هٿ نہ آيو آخرڪار انهيءَ گودڙيءَ جو ڪيس ڪفن ڏنائون، پر سندس قد تي ڪفن پورو نہ ٿيو جيڪڏهن منهن واري پاسي پيا ڪن تہ پير پيا رهجن، جي پير پيا ڏڪجن تہ منهن پيو رهجي اهو معاملو حضور ﷺ جن کي پيش ڪيو ويو حضور ﷺ جن فرمايو تہ گودڙيءَ سان سندس منهن ڏڪيون، ۽ پيرن جي پاسي کان گاهہ ڏيئي دفن ڪيو.

نقل 8: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضور ﷺ جن جي عادت مبارڪ هئي تہ ڪير ۽ پاڻي پيئڻ وقت پنهنجي ساڄي پاسي واري کي ڏيندا هئا هڪ دفعي ساڄي طرف حضرت انس رضی اللہ عنہ (ننڍڙي عمر جو) وينل هو، ڪابي پاسي کان هڪ پير مرد وينل هو پوءِ پاڻ ڪريمن حضرت انس ڏانهن ڏسي فرمايائون تہ هي ملڪيت تنهنجي آهي، پر جي راضي ٿئين تہ هن دوست کي ڏيان، جو پير مرد آهي حضرت انس ننڍڙي عمر جي باوجود سؤ پير مردن کان سمجهہ ۾ وڌيڪ هو:

ڪود ڪے بعقل پير بود
نزد اهل خرد ڪبير بود

(جيڪو چوڪرو عقل جو وڏو هجي، اهو عقل وارن وٽ وڏو مرد آهي)

سو عرض ڪيائين تہ حڪم کان انڪار نہ آهي. پر اوبر مبارڪ، ڪوٽر جي چشمي جي ڏوتل نہ ڏيندس ۽ گوارا نہ رکندس جو ٻيو پيئي پوءِ اوبر مبارڪ حضرت انس رضی اللہ عنہ کي ڏنائون.

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 9: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ خواجہ حسن بصري رحمۃ اللہ عليہ پارائپ جي عمر ۾، پنهنجي ماءُ سان گڏ (جيڪا حضرت بيبي صاحبہ وٽ مزدوري ڪندي هئي) حضرت بيبي ام هاني جي گهر اچي، اڳڻ تي چوڪرن سان راند ڪرڻ لڳو ۽ حضور صلي اللہ عليہ وسلم جن جي ڪؤنري مبارڪ مان بغير اجازت جي پاڻي پيتائين جڏهن حضور پاڪ، صاحب لولاڪ صلي اللہ عليہ وسلم جن آيا، تڏهن ڪؤنري ۾ ٿورو پاڻي ڏسي پڇيائون حضرت بيبي صاحبہ عرض ڪيو تہ حسن بصري نالي هڪ چوڪري بغير اجازت جي پاڻي پيتو آهي، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هي پار اسان جي علم مان فيض حاصل ڪندو.

نقل 10: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن مثنوي شريف مان نقل بيان ڪيو تہ هڪ رات حضرت امير معاويہ رضي اللہ عنہ ستو پيو هو، تان جو فجر جي نماز امام جي تابعداريءَ کان قضا ٿي ويس، پوءِ حضرت امير معاويہ اڪيلي نماز پڙهي، پر ڏاڍو پشيمان ٿيو، ۽ گريو زاري ڪيائين جو ڪهڙو نہ سنو وقت هٿ مان هليو ويو. وري بي پيري بہ ننڊ اچي ويس، ايتري قدر جو امام جو نماز پڙهائڻ جو وقت اچي ويجهو ٿيو، ان وقت ابليس لعين، امير معاويہ رضي اللہ عنہ جي دروازي تي اچي سڏ ڪيو اي امير معاويہ اٿ جو نماز پڙهيو وڃن ٿا حضرت امير معاويہ رضي اللہ عنہ چيو تہ اي سڏ ڪندڙ تون ڪير آهين؟ ان جواب ڏنو تہ مان ابليس آهيان پوءِ امير معاويہ متفڪر ۽ حيران ٿي پڇيو تہ اي ابليس لعين، تو اهڙو ثواب جو ڪم، مون کان ٿي ڪرايو، سو ڪيئن؟ جڏهن تہ تنهنجو اهو طريقو ئي نہ آهي چيائين مون ڏٺو تنهنجي نماز قضا پئي ٿي، تڏهن مون توکي جاڳايو آهي امير معاويہ وري ان کان پڇيو تہ ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ پوءِ شيطان سچ ڳالهائيندي چيو تہ: اڳين هفتي ۾ تنهنجي جماعت سان گڏ نماز پڙهڻ رهجي وئي هئي تہ تون پريشان ٿي تمام گهٽو رنو هئين. پوءِ مون ملائڪن جي واتان ٻڌو تہ الله تعاليٰ کي امير معاويہ جو روئڻ تمام گهٽو پسند آيو آهي، ان ڪري ان کي ستر نمازن باجماعت قبول پيلن جو ثواب ڏنو ويو آهي، سو اي امير معاويہ مون ڏٺو تہ تون ستل هئين، ڏنم تہ جي اڄ بہ تنهنجي جماعت قضا ٿي وئي تہ تون روئيندين ۽ توکي ستر نمازن جو ثواب ملندو، ان ڪري توکي اچي جاڳايو اٿم تہ جماعت سان نماز پڙھ ۽ فقط هڪ جماعت جو ثواب حاصل ڪر.

نقل 11: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان فرمايو تہ حضرت رسول ڪريم صلي اللہ عليہ وسلم جن فرمايو آهي تہ جيڪڏهن سموري امت جو ايمان گڏ ڪري تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ ۽ (حضرت) ابوبڪر (صديق رضي اللہ عنہ) جو ايمان بي پڙ ۾ وجهي توريو وڃي تہ البتہ صديقي ايمان وارو پڙ ڳرو ٿيندو.

نقل 12: هيڪر حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان ٿي فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت رسول ڪريم صلي اللہ عليہ وسلم جن جهاد في سبيل الله کان واپس ٿي، مدينہ معظم طرف ٿي آيا، جنهن گهٽي مان لشڪر ٿي گذريو، ان گهٽي ۾ هڪ ڪاسائي بدعت جو عادي وينو هو. جيئن تہ ان جو پنگ گهوٽڻ جو وقت ٿيو هو، مگر صحابہ ڪرام جي اچڻ ڪري مات ڪيو وينو هو ۽ حضور ڪريم صلي اللہ عليہ وسلم جن اتان

ڪنديره پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گذر فرمايو تہ هن بدعتيءَ قدم بوسي ڪر ي رڪيب سان، عاجزي انڪساري ڪندو هليو جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ جن مسجد شريف ۾ داخل ٿيا تہ اهو موتي وڃي پنهنجي بدعت جي ڪم ۾ مشغول ٿيو، ان دوران حضرت رسول ڪريم ﷺ جن تي دربار ايزدي جل شانہ مان وحي نازل ٿيو: اي محبوب! جيڪو فلاڻو شخص اوهان کي گهٽيءَ ۾ مليو هو، ان کي گهرائي ڪيس نجات ۽ بخشش جي مبارڪ ڏيو.

پوءِ ان وقت پاڻ ڪريمن هڪ صحابي ان کي گهرائڻ لاءِ موڪليو. جڏهن اصحابي سڳورو ان جي دروازي تي پهتو تہ ڪيس رسول الله ﷺ جو پيغام پهچايائين تہ اهو ڀنگ پيئندڙ بدعتي پنهنجي بدعمل جي ڪري ڏڪڻ لڳو ۽ ان کي يقين ٿيو تہ منهنجي افعالن کان حضور ڪريم ﷺ جن واقف ٿيا آهن پوءِ خوف وچان ڌڃندو، ڏڪندو حضور ۾ اچي حاضر ٿيو. پاڻ ڪريمن پهچڻ شرط ان شخص کي مالڪ سائين جل شانہ طرفان مبارڪ ڏيئي خوش ڪيائون پوءِ ان شخص ان وقت ئي بچڻن ڪمن کان توبهہ ڪئي ۽ رب ڪريم جي طرف رجوع ڪيائين (يعني حياءَ ۽ ادب جو صلو حاصل ڪيائين)

نقل 13: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضرت رسول مقبول ﷺ جن هڪ ڀيري حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ کان پڇيو تہ ڪر خبر تنهنجي مون سان ڪيتري محبت آهي عرض ڪيائين تہ قبلا اهل عيال ۽ پنهنجي جان کان بہ اوهان وڌيڪ محبوب آهيو پاڻ فرمايائون تنهنجو ايمان ڪامل آهي.

اهڙي طرح حضرت عمر رضی اللہ عنہ کان بہ ساڳيو سوال ڪيائون؟ حضرت عمر رضی اللہ عنہ عرض ڪيو تہ قبلا مال ۽ اهل و عيال کان اوهان جي محبت غالب آهي پر ساه اڃان بہ پياروٽم. پاڻ فرمايائون عمر! اڃان تنهنجو ايمان ناقص آهي، ائين فرمائيندي سندس سيني تي هٿ مبارڪ ڦيرايائون تہ امير عمر جو سينو ڪلي پيو پوءِ عرض ڪيائين قبلا! هاڻي اوهان ساه کان بہ وڌيڪ پيارا آهيو فرمايائونس هائو هاڻي تنهنجو ايمان ڪامل آهي.

نقل 14: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ قرآن ڪريم جي شرح ڪندڙ اصحابين ۾ حضرت ابن عباس رضی اللہ عنہ جي شرح ۽ تفسير مان وڌ ۾ وڌ توحيد جا نڪتا معلوم ٿيندا آهن حضرت ابن عباس جو قرآن پاڪ جي آيت "يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ" (سورة الانفطار:آيت ٦) تلاوت ڪندي، "غَرَّنِيْ كَرَمُكَ" (مون کي تنهنجي ڪريمي مغرور ڪيو) چوڻ بہ توحيد ڏانهن اشارو آهي:

بود همين عفوت عاصی طلب
عرصه عصيان گرفتم زين سبب

(تنهنجي معافي جي نظر گنهگار ڳوليندي آهي، تنهن ڪري مون گناهن (ڪرڻ) جو ميدان اختيار ڪيو)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

چونکہ ستاری تودیدم کار ساز
ھم بدست خود دریدم پردہ باز

(مون جڏھن ڏٺو تہ تنھنجي ستاري ڪم ناھيندي آھي، تڏھن پنھنجا سمورا پردا چاڪ ڪري ڇڏيم)

رحمتش راتشنہ دیدم بر گناہ
آب دیدہ خویش را کردم پناہ

(سندس رحمت گناھ تي اڃي ڏٺم، تہ اکين جو پاڻي پيش ڪري پناھ حاصل ڪيم)

قطرہ چند از گنہ گرشد پدید
درچنین دریا کجا آید بدید

(جيڪڏھن گناھن جا ڪي قطرا ظاھر ٿيا، تہ اھي اھڙي اڻ کٽ درياءَ ۾ ڪٿان ڏسڻ ۾ ايندا)

نقل 15: ھڪ ڏينھن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه پنھنجي خلافت جي زماني ۾ جمعي جي ڏينھن خطبي لاءِ منبر تي ويٺو تہ حضرت ابو ذر غفاري رضي الله عنه کيس چيو تہ اسان تنھنجو خطبو نہ ٻڌنداسين ڇو تہ حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم جن سموري زندگي جَوَن جي رَبَ تي ڪفايت ڪئي ۽ تو ھن رات ۾ طعام تيار ڪرائي نئين بدعت جي رسم وڌي آھي. حضرت عمر رضي الله عنه منبر کان ھيٺ لھي آيو ۽ حضرت ابو ذر غفاري رضي الله عنه کي چيائين تہ عبدالله جي شاھدي قبول ڪندين يا ڪنھن ٻئي جي؟ چيائين عبدالله جي شاھدي ڪافي آھي. تڏھن حضرت عبدالله بن عمر شاھدي ڏني تہ رات ھڪ بيمار مسافر لاءِ سندس طبعيت موافق ماني تيار ڪرائي ويئي ھئي باقي حضرت عمر رضي الله عنه دستور موجب جَوَن جي رب ڪاڌي ھئي. پوءِ ابو ذر غفاري رضي الله عنه مطمئن ٿي ويو ۽ امير المؤمنين جي وعظ ٻڌڻ لاءِ تيار ٿيو تڏھن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه منبر تي خطبي لاءِ اٿيو.

نقل 16: ھيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ ھڪ ڪوجھي شڪل واري ماڻھو، حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم جن جي دربار ۾ اچي اسلام قبول ڪيو پوءِ ڪنھن موقعي تي انھيءَ سڳوري، حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪي پنھنجي شاديءَ لاءِ گذارش ڪئي پاڻ سونھارن مجلس ۾ ويٺل ھڪ اصحابي ڏانھن نظر فرمائي (جنھن وٽ سندس نياڻي ويٺل ھئي) صحابي سڳورو اشارو سمجھي گھر آيو نياڻي ۽ زال ڪي سموري حقيقت ٻڌايائين سعادتمند نياڻي جواب ڏنو بابا! محبوب ڪريم تان منھنجي جان ۽ فدا آھي پاڻ ھڪ انسان جي نڪاح ۾ ڏين ٿا، بالفرض ڪنھن جانور سان گڏي ڇڏين ھا تہ ۽ مون ڪي قبول ھجي ھا پوءِ حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم جن جي رضا موجب، انھيءَ نو مسلم صحابي سڳوري جي ان سعادتمند ڇوڪريءَ سان شادي ٿي ويئي پاڻ سونھارن ستت ئي جھاز جي تياري فرمائي، نئين شادي شده صحابيءَ ڪي گھر رھڻ جي اجازت ڏنائون، مگر اھو سڳورو ضد ڪري لڙائي ۾ شريڪ وڃي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ٿيو ۽ آخر شهيد ٿيو پوءِ جڏهن سندس ميت کڄي آئي تہ، پاڻ ڪريمن ڪجهہ مرڪندي، نعلين پري لاهي سندس جنازو پڙهايو صحابين سڳورن عرض ڪيو تہ قبلا! مرڪڻ ۽ نعلين پري لاهڻ جو ڪهڙو سبب؟ فرمايائون هن سڳوري جي جنازي ۾ جنت جون حورون شريڪ ٿيون آهن، تنهن ڪري نعلين لاٿم.

نقل 17: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ اصحابي جي نياڻي پرٽجڻ کان انڪار ڪيو، هن خيال کان تہ سندس ٿيندڙ مڙس مهمان گهر آڻيندو ۽ مون کان مهمانن جي خدمت نہ پهچندي، پر جيڪڏهن ڪو مهمان نہ آڻڻ جو واعدو ڪري تہ ان سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونہ آهي. آخر هڪ اصحابي سڳوري گهر مهمان نہ آڻڻ جو واعدو ڪيو پوءِ نياڻيءَ جي شادي ان صحابي سان ٿي. ان بعد سندس مڙس گهٽو ڪري گهر ۾ ئي رهندو هو، جيئن واعدي پاڻڻ ۾ ڏڪيائي نہ ٿئي، بس نماز جي تڪبير ٻڌي نماز لاءِ ويندو هو ۽ فرض پڙهي سنتون اچي گهر پڙهندو هو. اتفاق سان هڪ ڏينهن سندس ڪو پراڻو دوست ڪيس مليو، واعدو ياد هوندي بہ حق مهماني سبب، هن ڪيس مهمان بنائڻ جو فيصلو ڪيو. هوڏانهن سندس گهر واري ٻاهران ان سان گڏ مهمان ايندو ڏٺو ۽ گهر وٽ اچڻ تي ڪيس ٻن جي بجاءِ ٽي ماڻهو ۽ دروازي کان اندر، وري چار ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا. مهمان جي خدمت چاڪري ڪرڻ کان پوءِ اهي جڏهن گهر کان ٻاهر نڪتا تہ مائي کي پنج ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا تڏهن هيءَ عجب ۾ پئجي وئي! پوءِ اها حقيقت حضور سرور ڪائنات ﷺ جن کي عرض رکي ويئي. پاڻ فرمايائون مائي کي مهمان گڏجڻ وقت هي بہ ڇڻا ۽ پوءِ ٿيون سندن روزي ۽ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت چوٽون برڪت جي صورت نظر آئي. موٽ تي زحمت ساڻن شامل ٿي، جيڪا اوهان جي گهر مان هلي وئي. اها حقيقت جڏهن صحابي سڳوري جي زال ٻڌي تہ مهمانن بابت پابنديءَ وارو شرط نہ فقط واپس ورتائين، بلڪ مڙس کي عرض ڪيائين تہ ڪوشش ڪري هر روز ڪونہ ڪو مهمان ونڻي ايندو ڪر جيئن مهمان پنهنجي قسمت موجب کائي ۽ اسانکي برڪت پئي ملي.

نقل 18: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ اصحابي کي شراب پيئڻ جي عادت هئي هڪ بہ پيرا حضور سرور ڪائنات ﷺ جن وٽ توبہ ڪرڻ جي باوجود عادت مٽائي نہ سگهيو ٽين پيري اچي خالص توبہ ۽ ندامت ظاهر ڪيائين، مگر رسالت مآب ﷺ جن جي درگاهہ ۾ حاضري کان حجاب سبب قاصر رهيو. آخر هڪ ڏينهن حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ هن سان گڏيو ۽ احوال معلوم ڪرڻ بعد ترار اگهاڙي ڪري مٿس حملي لاءِ تيار ٿيو، ايتري ۾ حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي شفاعت سندس مدد ڪئي ۽ حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ کي فرمايائون تہ تو فقط هن جي بدعملي تي نظر رکي آهي، حالانکہ هن جي دل اسان جي محبت سان معمور ۽ پريل آهي شايد اسان سان سندس محبت جي ڪري ئي ان کي توبهہ نصيب ٿئي.

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 19: هڪڙي ڏينهن درگاھ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن پنهنجو ٺاهيل ڪتاب "جمع الجوامع" لکندي فرمايو تہ سمورن صحابين سڳورن، حضور سرور ڪائنات ﷺ جون حديثون روايت ڪيون مگر ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ پاڻ سونهارن جي محبت ۾ عشق ۾ مستغرق ۾ مست هجڻ سبب ڪا روايت نہ ڪري سگهيو.

نقل 20: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضرت علي جن جي مشهور دلدل، هڪ خچر هئي، ابلق چٽ ڪبري رنگ جي اها خچر، حضور سرور ڪائنات ﷺ جن حضرت علي رضی اللہ عنہ کي عنايت ڪئي هئي ۾ اهلبيت جي مشهور ڪملي، حضرت ابراهيم جي قرباني جي گهٽي جي ان مان تيار ٿيل لوئي هئي اها بہ هڪ بادشاھ حضور ۾ هديو پيش ڪئي هئي.

نقل 21: حضرت پير سائين جن هڪ ڏينهن ارشاد فرمايو تہ حضرت ابو هريره رضی اللہ عنہ فرمايو تہ مون کي حضور سرور ڪائنات ﷺ جن کان علم جا بہ ٿانو مليا هڪڙي ٿانو مان عام ۾ خاص سمورا فيضياب ٿين ٿا، جنهن مان مراد حديثون آهن ٻيو ٿانوءُ اهڙي علم جو آهي، جنهن کي لکائڻ جو حڪم آهي انهيءَ مان ذرو بہ ظاهر ڪريان تہ جيڪر مون کي ماڻهو قتل ڪري ڇڏين:

سريست دراين سينہ کہ گفتن نتوانيم
دريست دراين بحر کہ سفتن نتوانيم

(هن سيني ۾ اهڙو راز آهي، جيڪو ظاهر نٿو ڪري سگهجي، پڻ هن بحر ۾ هڪ موتي آهي، جنهن کي لڙيءَ ۾ پوئي ظاهر ڪرڻ ممڪن نہ آهي)

مشکل ہم آنست کہ مشکل خود را
گفتن نتوانيم وسفتن نتوانيم

(اسان جي لاءِ مشڪل ڳالهہ تہ اها آهي، جو پنهنجي تڪليف نہ تہ ٻڌائي سگهون ٿا ۽ نہ لکائي سگهون ٿا)

نقل 22: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت عمر رضی اللہ عنہ ۽ ٻين اصحابين سڳورن کي سفر ۾ سخت اڄ لڳي، ڳولا کان پوءِ هڪ ڪڏ ۾ پاڻي نظر آيو حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ پنهنجي ساٿين سميت پاڻي پيتو، پري کان هڪ اصحابي پاڻي نہ پيئڻ جو اشارو ڪيو حضرت عمر رضی اللہ عنہ بہ جواب ۾ روڪڻ جو اشارو ڪري ڪيس فرمايو تہ پاڻي پيئڻ کان پوءِ منع جو سبب اسان تي بيان نہ ڪر.

نقل 23: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ ڀيري حضرت امير عمر رضی اللہ عنہ رمضان جي مهيني ۾ سفر کان موٽي گهر پهتو انهيءَ دور ۾، روزي افطار جو ٿائيم، سج لهڻ کان ونڊي شفق (ڳاڙهاڻ) تائين هوندو هو شفق لهڻ تي وري ٻي روزي جو حڪم ٿيندو هو حضرت عمر رضی اللہ عنہ کان پل ۾ شفق لهڻ کان

ڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پوءِ پنهنجي گهر واريءَ سان صحبت ٿي ويئي بر وقت حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيائين ته قبلا! مون کان هيءَ غلطي ٿي ويئي آهي، معافي ملڻ تائين مسجد جي ٽنيي سان ٻڌو وڃي، يا شرعي سزا جاري ٿئي. پاڻ سونهارن ٿوري دير سوچ ڪئي ته جبرئيل وحي ڪٽي حاضر ٿيو: "اُحِلَّ لَكُمْ لَيْلَةَ الصِّيَامِ الرَّفَثُ اِلٰى نِسَآئِكُمْ ؕ هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَ اَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ عَلَيْكُمْ وَ عَفَا عَنْكُمْ ۚ فَالْـٰٔنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَ ابْتَغُوْا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۪ وَ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ " (يعني روزن جي راتين ۾ توهان کي پنهنجي زالن سان ميلاپ جي اجازت ڏني ويئي آهي اهي توهان جي واسطي ۽ توهان انهن جي واسطي پوشاڪ آهيو الله پاڪ ڄاتو جو توهان پاڻ سان خيانت ڪئي پوءِ توهان تي رجوع ٿيو ۽ توهان کي معاف فرمايائين هاڻي ڀلي توهان پنهنجي گهر واريءَ سان صحبت ڪريو ۽ ايستائين کائو پيئو، جيستائين فجر جو اڇو سڳو (صبح صادق) ڪاري سڳي (صبح ڪاذب) کان ظاهر ٿئي پوءِ روزا رات تائين پورو ڪريو.

نقل 24: حضرت پير سائين جن فرمايو ته هڪ پيري مديني وارن حضور سرور عالم ﷺ جن کي عرض ڪيو ته قبلا! سوالين تنگ ڪيو آهي پاڻ فرمايائون ته گهرن جا دروازا بند ڪري ڇڏيو صحابين سڳورن ائين ڪيو ته سوالي ته شهر ڇڏي ٻاهر هليا ويا، مگر انهن ۾ هڪ خوفناڪ، بيماري اچي پئي جنهن کان تنگ ٿي، وري حضور سرور ڪائنات ﷺ جن وٽ فريادي ٿيا پاڻ فرمايائون ته صدقو ڪريو ته مصيبت ٽري ويندي اصحابين عرض ڪيو ته صدقو ونڊ وارو ته ڪير ڪونه آهي پاڻ فرمايائون ته گهرن جا دروازا کولي ڇڏيو فرمان موجب دروازا کوليا ويا ته سوالي اچي ويا ۽ صدقا ادا ٿيڻ لڳا ۽ پوءِ بيماري ۽ وبا جي مصيبت بہ ٽري ويئي، جنهن تي مديني پاڪ وارن مالڪ حقيقي جا شڪرانا بجا آندا انهيءَ ڏينهن کان وٺي مديني پاڪ جا ماڻهو، ڪڏهن منهن ڪٽو نہ ڪندا آهن ۽ خوش روئي سان صدقي جي رسم اڄ بہ جاري آهي.

نقل 25: احمد فقير ناهيو نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن فرمايو ته هڪ انصاري صحابي، حضور محبوب ڪريم ﷺ جن جي دعوت ڪئي پاڻ سونهارا صحابين سڳورن سان گڏ، وٽس دعوت لاءِ رونق افروز ٿيا اصحابي سڳوري جي خادمن سندس ڪوهه مان صحابين کي ۽ سندن وهٽن کي پاڻي ٿي پياريو اتفاقًا مهمان صحابين جو هڪ ڇوڪرو ڪوهه تي پاڻي پيئڻ ويو ته خادمن کيس پاڻي ته ڪونہ پياريو، ويتر ان کي جهٽڪيو نينگر روئندي محبوب ڪريم ﷺ جن کي اچي دانهن ڏني خادمن کي گهرائي پڇيو ويو ته انهن صاف انڪار ڪيو ۽ نينگر کي بلڪل ڪوڙو ناهيائون حضور سائين جن ڪجهه فڪر فرمايو ته جبرئيل امين حاضر ٿي عرض ڪيو ته، الله جا رسول! اهو شخص ڪوڙو آهي. جيستائين نينگر کي راضي نہ ڪن تيستائين سندن دعوت نہ کائو. پاڻ سونهارن دعوت کائڻ کان

انكار كيو پوءِ تہ ميزبان انصاريءَ جي گهر ۾ جڻ قيامت قائم ٿي ويئي تنهن خادم كي گهرائي دب پٽي تہ هن پنهنجي گناه جو اقرار كري، حضور سرور كائنات ﷺ جن جي اڳيان انتهائي عاجزيءَ سان معافي ورتي پاڻ سونهارا مٽس راضي ٿيا ۽ نينگر كي بہ راضي كري، پوءِ انصاري سڳوري جي دعوت قبول فرمايائون.

نقل 26: الهداد فقير نظاماڻي نقل كري ٿو تہ هك ڏينهن حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان كندي فرمايو تہ جن اصحابين سڳورن، حضور اكرم ﷺ جن جو منهن مبارك ڏسي، محبت وچان ايمان آندو، تن جو ايمان كامل آهي پر جن معجزا ڏسي ايمان آندو، تن جو ايمان قهري هو يعني انهن معجزي جي طاقت ڏسي ايمان آندائون:

موجب ايمان نباشد معجزات

بوئے جنسيت كند جذب الصفات

(معجزا تہ ايمان كامل جي سبب نہ آهن، هك بي جي جنسيت سبب صفتون پيدا ٿيندیون آهن)

نقل 27: حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان كندي فرمايو تہ كن اصحابين سڳورن حضور اكرم ﷺ كي عرض كيو تہ حضرتا! جيكا كيفيت (حالت) حضور ۾ حاصل ٿئي ٿي، سا حضور كان پري ٿيڻ واري صورت ۾ حاصل نٿي ٿئي تنهن تي پاڻ كريمن فرمايو تہ جيكڏهن حضور واري كيفيت، اوهان ۾ هميشہ رهي ها تہ توهان سان فرشتا نہ فقط هٿ ملائن ها بلكہ گڏجاڻيون كن ها.

نقل 28: هك ڏينهن پير محمد ٽالپر وڏن اصحابن سڳورن جي شان ۾ شك سبب، حضرت پير سائين جن كي عرض كيو تہ حضرتا! خلافت تہ حضرت علي جن جو حق هو، پوءِ ٻين كي ڇو ملي؟ پاڻ فرمايائون تہ صحابين سڳورن حضرت علي رضی اللہ عنہ كي اختيار ڏنو، پر حضرت علي رضی اللہ عنہ فرمايو تہ حضرت رسول خدا ﷺ جن جي دين جو حق، مون كان ادا نہ ٿيندو، جيئن صديق اكبر كان ٿيندو تڏهن سمورن اتفاق سان حضرت ابوبكر صديق رضی اللہ عنہ كي محمدي مسند تي ويهاريو اهڙي طرح حضرت علي، عمر فاروق جي لائق هجڻ جو اعتراف كندي فرمايو تہ حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ ئي خلافت جو فرض بهتر طريقي ادا كندو ان طرح حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ كي خلافت ملي ۽ بعد ۾ حضرت علي رضی اللہ عنہ كي اهو اعزاز حاصل ٿيو حضرت پير سائين جن جي انهيءَ تفصيل بيان كرڻ سان، پير محمد ٽالپر جو شك تہ دور ٿيو، پر هو مريد بہ ٿيو.

نقل 29: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضور اكرم ﷺ جن وصال كان اڳ اعلان فرمايو تہ، جن جو بہ مون تي حق هجي، اهي مون كان وٺن مان حق ادا كندس حضرت عكاشہ رضی اللہ عنہ عرض كيو تہ يا سرور عالم فلاڻي موقعي تي، توهان منهنجي اگهاڙي پٺيءَ تي پنهنجي هٿ مبارك سان چهبك

كندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

هنيو هو، تنهن جو مان عيوض ونندس. اهو حال ڏسي گهٽن اصحابن ان کي ائين ڪرڻ کان منع ڪيائون ۽ چيائون تہ اسان جي پڻ تي جيترا وٽنئي چهبڪ هڻ. ان وراٽيو، جنهن مون کي هنيو آئون ان کي هٽندس، پوءِ حضور سرور ڪونين ﷺ جن پنهنجي پني مبارڪ، عيوض لاءِ ان اڳيان پيش ڪئي صحابي سڳوري کي عيوض ونڻ جو تہ تصور بہ ڪونہ هو، مگر مُهر نبوت چمڻ لاءِ، اهو سپ ڪجهہ ٿي ڪيائين پوءِ مُهر نبوت تي پنهنجا چپ رکي، مُهر پاڪ کي چميون ڏيئي، عرض ڪيائين تہ قبلا! ٻانهي جو مقصد فقط ايترو هو. پوءِ پاڻ سونهارن کيس دعائون ڏنيون.

پير سائين جن اتي فرمايو تہ اصحابن سڳورن ۾، مُهر نبوت جو تفصيلي راوي، حضرت عڪاشہ رضی اللہ عنہ ئي آهي.

نقل 30: هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ اصحابي سڳورو ڪيترا ڏينهن بيمار هو، آخر ان جي سڪرات جو وقت آيو، پوءِ سندس احوال حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي حضور ۾ پيش ڪيو ويو. پاڻ سڳورا ان جي مٿان هلي آيا، پڇيائون تہ هن مٿان ڪنهن جو ڏمر تہ ڪونہ آهي مٽ، مائٽ يا ڪنهن پاڙيسري جو. حاضرين وراٽيو تہ هن ڪنهن کي بہ نہ ايذايو آهي، مگر هڪ ڏينهن هن جي زال ۽ سندس ماءُ پاڻ ۾ جهيڙو ٿي ڪيو تہ هن زال جو طرف ونيِ ماءُ کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ ايذايو هو. پاڻ ڪريمن ان جي ماءُ کي فرمايو تہ پنهنجي پٽ کي بخش ڪر، تہ سندس سڪرات سولي ٿئي. ماءُ وراٽيو تہ حضرتا! هن کي مان ڪڏهن بہ نہ بخشيندیس ڇو تہ هن مون کي گهٽو ايذايو آهي. تڏهن پاڻ سڳورن حڪم فرمايو تہ ڪائيون گڏ ڪيو. اصحابي سڳورا ڪائيون گڏ ڪرڻ لڳا، اهو ڏسي ان بيمار شخص جي ماءُ صحابہ ڪرام کان پڇيو تہ حضور سائين جن اهي ڪائيون ڇا جي لاءِ ٿا گڏ ڪرائين؟ هڪ اصحابي سڳوري چيو تہ تون پنهنجي پٽ کي نہ ٿي بخشين، ان ڪري تنهنجو پٽ ڪافرن ۾ شامل آهي، هي ڪائيون ان کي ساڙڻ لاءِ گڏ ڪيون پيون وجن. پوءِ ان ماءُ پاڻ ڪريمن جي حضور ۾ اچي پنهنجي پٽ کي ڪيل قصور معاف ڪيائين تڏهن ان جو دم پرواز ٿيو.

نقل 31: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان ٿي فرمايائون تہ هيڪر حضرت رسول ڪريم ﷺ جن کي ڪنهن صحابي سڳوري پنهنجي باغ ۾ دعوت ڪئي هئي. پاڻ سڳورا ان جي دعوت ونڻ لاءِ ٿي آيا تہ وات تي حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ کين ملاقاتي ٿيو، پاڻ ڪريمن ان کان پڇيو تہ هن وقت توکي ڪهڙي خيال گهر کان ٻاهر آندو آهي؟ عرض ڪيائين حضرتا! هن وقت بڪ سببان حضور ۾ ٿي آيس. ٿورو هليا تہ حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ بہ ساڻن ملاقي ٿيو، ان کان پڇيائون ڪاڏي ٿو وڃين اي خطاب جا پٽ؟ عرض ڪيائين، بڪ بي حال ڪيو. تڏهن حضور ۾ ٿي آيس. پاڻ ڪريمن فرمايو تہ اسان کي بہ هن وقت ان شيءِ گهر کان ٻاهر آندو آهي. اچو هاڻي فلاڻي صحابي جي دعوت تي سندس باغ ۾ ٿا هلون. دعوتي اصحابي گوشت پچايل ۽ تازيون ڪارڪون ۽ ٽڏي پاڻيءَ جي سانداري خدمت ۾ پيش ڪيائين. پوءِ پاڻ ڪريمن صحابہ ڪرام سان گڏ پڪل گوشت

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

۽ تازيون کارکون کاڏائون ۽ ٽڏو پاڻي پي ڪري فرمايائون تہ هن کاڏل نعمتن تي بہ حساب آهي.

نقل 32: مننار فقير، دل ديهہ جو (روپاهہ جي پرسان رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ نانوائي جي دوڪان تي هڪ شخص مانيون وڻڻ ويو نانوائي ٻڌايس تہ مون وٽ پريروزي (ٽيون ڏينهوڪي) ديروزي (ڪالهوڪي) امروزي يعني اڄوڪي ٽن قسمن جون مانيون آهن، جن جي قيمت ترتيبوار تي بهلول، بہ بهلول ۽ هڪ بهلول آهي. [1] پڇڻ تي نانوائي اهو بہ ٻڌايو تہ ٽيئي قسم مانيون وزن ۾ برابر آهن، تنهن تي حيرت وچان خريدار پڇيو تہ آخر سمجهہ جي ابتڙ، پاروٽي ماني جي قيمت وڌيڪ ڇو ۽ تازي ماني جي قيمت گهٽ ڇو؟ نانوائي ڇيو تہ پريروزي ۽ ديروزي، موٽي نہ ايندي ۽ امروزي هن وقت بہ حاضر آهي انهيءَ ڪري قيمتون قياس جي ابتڙ آهن.

اي عزيز! انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ اصحابن جو طبقو تابعين کان، تابعين جو طبقو تبع تابعين کان پلو آهي. سمورن مشائخن ۽ عالمن جو اتفاق آهي تہ متاخرين (پوين) کان متقدمين (اڳيان) پلارا آهن. هتي پاڻ ڪريمن کان اها حقيقت بہ پڌم، جو فرمائيندا هئا تہ حضور سرور ڪائنات جن جي حضرت اويس قرني رضي الله عنه سان ايتري محبت هئي جو يمن جي طرف کان هوا لڳندي هئي تہ پنهنجي پهرياڻ جا ٻيڙا کولي فرمائيندا هئا: "اِنِّیۡ لَاَجِدُ رِیۡحَ نَفَسِ الرَّحۡمٰنِ مِنَ الۡیَمَنِ" (يعني يمن جي طرف کان مون کي خصوصي رحمت جي هير پئي محسوس ٿئي) انهيءَ قربداريءَ جي باوجود، حضرت اويس قرني رضي الله عنه کي خير التابعين چيو ويو آهي اصحابن ۾ نہ ڳڻيو اٿن، پريروزي، ديروزي ۽ امروزي جو سنڌو، ان مقولي مبارڪ مان سمجهڻ گهرجي.

مولانا جامي رحمة الله عليه کهڙو نہ سنو چيو آهي:

حريفان بادها خوردند رفتند
تهی خم خانما کردندر فتند

(عاشقن شراب جا پيالا پيتا ۽ هليا ويا، محبت جا شراب خانا خالي ڪري هليا ويا)

چون رفت دست جم و جام ساقی
بماجز غم نماند هيچ باقی

(جڏهن ساقي جي هٿ ۾ پيالو ۽ مٽ ئي نہ رهيو، تہ پوءِ اسان وٽ غم کان سواءِ ٻي کهڙي شيءِ رهي)

[1] بهلول ان دور جي سکي جو نالو آهي.

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

باب سورهون

هن باب ۾ پنج فصل آهن.

فصل پهريون:
شفاعت برحق آهي

نقل 1: هڪ پيري حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضرت رسول مقبول ﷺ جن فرمايو آهي تہ منهنجي امت ۾ ستر هزار ماڻهو اهڙا هوندا، جن مصيبت ٽارڻ خواهہ ڪنهن مطلب لاءِ نہ دعا گهري هوندي ۽ نہ دوا ڪئي هوندي، قيامت جي ڏينهن انهن مان هر هڪ جي طفيلي ستر هزار گنهگار بخشيا ويندا.

نقل 2: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ نبين ۽ ولين جي شفاعت برحق آهي، شفاعت جا ڪجهہ قسم آهن مثال طور ڪو ماڻهو شڪنجي ۽ زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي ۽ ڪاڻ ۾ بند آهي، جيڪڏهن ڪو ان کي شڪنجي، زنجير ۽ ڪاڻ مان آزاد ڪرائي، اها بہ شفاعت آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جون ڇنگهون ۽ ٻانهون ڪاڻ ۾ بند آهن، پوءِ جي ڪو شخص ان جي هٿن جا بند لهرائي ۽ پيرن ۾ زنجير، ايان هجنس تہ اها بہ شفاعت آهي اهڙي طرح ڪو قيد ۾ تہ ڪونہ آهي پر مسڪين آهي، انهيءَ جي ڪنهن مدد ڪئي يا ڪنهن جي توجهہ مان سندس ضرورت پوري ٿي، تہ اهي سڀ شفاعت جا قسم آهن.

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٻيون
گناهن کان معافي

نقل 1: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري جمعي جي ڏينهن حضرت پير سائين جن پنهنجي جاءِ تي رونق افروز ٿيا هئا. پاڻ جمعي جي تياري ۽ وارن ناهڻ جو حڪم فرمايائون فقير وارن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪٽ جي چوڏاري ڦري ويا مون کي ڳلن مبارڪن جي وارن چوندڻ جو حڪم فرمايائون مون عرض ڪيو تہ قبلا ڏڃان ٿو، متان وار چوندڻيندي نچڪٽو خطا ٿي وڃي ۽ ڳلن مبارڪن کي ايذاءُ پهچي. پاڻ فرمايائون تہ ان جي عيوض اسان توکي منهن تي چمات هٽي ونڻداسون پوءِ مان احتياط سان وار چوندڻيندو رهيس، پر نچڪٽو خطا ٿي ويو مون وعدي مطابق چمات لاءِ پنهنجا ڳل سندن آڏو پيش ڪيا پاڻ انتهائي ٻاجهه منجهان فرمايائون تہ ڏڃندڙن کي الله تعاليٰ ٻہ معاف فرمائيندو آهي، مون ٻہ توکي معاف ڪيو "اِنَّ اللّٰهَ عَفُوٌّ يُحِبُّ الْعَفْوَ" (الله پاڪ معاف فرمائيندڙ ۽ معاف ڪرڻ کي پسند ڪندو آهي)

چون بديدم عفو تو عاصی طلب
عرصہ عصيان گرفتم زين سبب

(جڏهن تنهنجي مهرباني کي گنهگار ڳوليندي ڏٺم، تڏهن گناهن جي ميدان کي اختيار ڪيم)

چون ستاری تو ديدم کار ساز
ھم بدست خود دريدم پردہ باز

(جڏهن تنهنجي ستاري کي ڪم ناهيندڙ ڏٺم، تڏهن پنهنجو پاڻ ئي، ڪٽي پردو چاڪ ڪيم)

نقل 2: هڪ پيري حضرت پير سائين جن دعوتن تي شڪارپور پهتا تہ ديهہ لکي ۾ هڪ فقير جي دعوت ونڊي صبح جو اڳتي روانا ٿيا ٿي، تہ اتي هڪ ٻي فقير عرض ڪيو قبلا! رٻ تيار آهي، خدا ڪارڻ قبول فرمايو پاڻ قبول فرمائي، صاحبزاده حضرت خليفة الله ۽ حضرت صاحبزاده ميان محمد ياسين کي ٽڪائي پاڻ اڳين منزل تي روانا ٿيا. حضرت خليفة الله سان گڏ هڪ ڪوري ٻہ هو، جيڪو پناٽن جي سارين جا پئسا ادا ڪرڻ بجاءِ درگاهہ مبارڪ تي اڇي رهيو هو اتي پناٽن کيس ڏسي ورتو ۽ مٿس حملي لاءِ تيار ٿيا. خليفو سيد نالي منو، ان ڪوريءَ جي طرفان مقابلي لاءِ تيار ٿيو تہ حضرت خليفة الله کيس جهيڙي ۾ ملوث ٿيڻ کان منع ڪئي، جيئن هي سيد صاحب پير سائين جن وٽ

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سزا جي لائق نہ بنجي. خليفي سيد نالي مني تہ تلوار مياڻ ۾ وجهي ڇڏي، مگر پناڻ تلوار هلائڻ کان نہ مڙيا ۽ نتيجي ۾ حضرت خليفة الله، ميان محمد ياسين شاهه ۽ سيد سائينڈنو شاهه ڦٽجي پيا، اها خبر جڏهن پير سائين جن کي پئي تہ پاڻ جلدي جلدي سرزمين تي پهچي اتي جي جماعت، سيد سڳورن ۽ بلوچن کي (جيڪي بدلي وڻڻ لاءِ تيار هئا) پاڻ جوابي کارروائي کان منع فرمايائون.

۽ صاحبزادن کي اتان کڻائي پي ديهه ۾ اچي پٽي وغيره کرائي، درگاهه شريف پهتا اتي مير سهراب پنهنجي ماڻهوءَ هٿان شرعي حڪم موجب، ڦٽن جو عيوضو يا خرچ وڻڻ لاءِ عرض کرايائين، پير سائين جن سيد ميان قابل شاهه، حاجي آدم خان ۽ هن فقير کي حضرت خليفة الله ۽ ميان محمد ياسين شاهه وٽ موکليو، جو مير سهراب چورائي موکليو آهي تہ صاحبزادن کي پهتل زخمن جي عيوض، پناڻن کي قتل ڪجي تہ بہ گهٽ آهي پر تڏهن بہ زخمن جو عيوض ۽ خرچ وغيره تہ کائين وٽي سگهجي ٿو پر مان اهو چاهيان ٿو تہ کنهن بہ قسم جو عيوض ۽ خرچ وغيره نہ وٺجي تہ جيئن قيامت ۾ اهو رت، امامن شهيدن جي خون سان گڏجي، حضرت نبي کريم ﷺ جن جي امت جي بخشش ۾ ڪم اچي. ساڳي وقت ٽالپرن کي بہ صاحبزادي جي ڦٽن جو تہ ڏڪ ڪونہ آهي، البت پناڻن کي لٽڻ، قرڻ جو مناسب بهانو مليو اٿن، جڏهن تہ زخم توهان کي پهتا آهن، تنهن ڪري عيوض وغيره جو فيصلو بہ اوهان کي ڪرڻو آهي.

پوءِ اسان ٽنهي گڏجي پير سائين جن جو پيغام ۽ سندن مرضي صاحبزادن اڳيان پيش ڪئي. پاڻ ڪريمن جي مرضي معلوم ڪري صاحبزادي حضرت خليفة الله فرمايو هي تہ فقط زخم پهتا آهن، اسان جي جان بہ پير سائين جن جي قدم تان قربان آهي سندن مرضي مقدم رکڻ اسان جي لاءِ لازم آهي، باقي سيد سائينڈني جا زخم پير سائين جن جي اختيار ۾ آهن، صاحبزادن جو جواب معلوم ڪرڻ بعد، پاڻ سڳورن مير سهراب کي چورائي موکليو تہ اسان صاحبزادن جي زخمن جو عيوض ڪونہ ٿا وٺون جيئن اهو خون قيامت ۾ امامن ڪريمن جي شهادت جي خون سان گڏجي، گنهگار امت جي بخشش جو بهانو بنجي. مير جي قاصد ورڻ بعد پاڻ هڪ روايت بيان فرمايائون تہ قيامت جي ڏينهن، خاتون جنت سيده فاطمة الزهريٰ کان امامن جي خون جو بدلو گهرندي تہ الله پاڪ کيس اختيار عطا ڪندو، چاهي تہ خون جو بدلو وٺي ۽ گهري تہ انهيءَ جي عيوض گنهگار امت جي بخشش جو بهانو حاصل ڪري (پوءِ سانئڻ امت جي بخشش کي ترجيح ڏيندي).

اي عزيز! قادر مطلق جي انتقام جو بہ نرالو طريقو آهي، جو ان کانپوءِ اتي جي حاڪمن پوري شهر کي لٽي، پناڻن کي لڏائي ڇڏيو ڪجهہ سالن کان پوءِ حضرت خليفة الله رحمۃ اللہ علیہ مسند نشين ٿيا ۽ پناڻن مان شادي ڪيائون تہ پاڻ فرمايائون انهن پناڻن مان هڪڙي عورت ڪنهن طرح بچي ويئي هئي، جو حاڪمن جي هٿ نہ آئي باقي سمورا پناڻ لڏايا ويا.

نقل 3: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ پيري پوک کان ٻاهر، پاسي سان مينهون ٿي چاريم مال، پوک جو ڪوبہ نقصان ڪونہ ڪيو هو مگر پوءِ بہ هاري مون کي منهن تي اچي چمات هنئي مان ٿپ سان جواب ڏيڻ جي طاقت جي باوجود کيس ڪجهہ نہ چيو ۽ ان کي معاف ڪري ڇڏيو. وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ (سوره آل عمران: آيت ۱۳۴)

بود عفو تو عاصی طلب
عرصہ عصیان گرفتم زان سبب

(تنهنجي مهرباني ۽ واري نظر گنهگار ڳولهيندي آهي، تڏهن گناهن جي ميدان ۾ گهري آيس)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل ٹيون
جائز خوش طبعي

نقل 1: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري حضرت پير سائين جن درگاه مبارڪ ۾ سخت گرميءَ ۾ زوال کان ٿورو اڳي يا پوءِ جنازو پڙهائڻ لاءِ تشريف ونی آيا موٽڻ وقت بازار مان ٿي آيا، هي فقير سندن خدمت ۾ حاضر هو، اتي منهنجي جتيءَ مان چيڪٽ جو آواز ٻڌي، سيد قابل شاه جي نينگر، سيد غوث محمد چيو تہ تنهنجي جتي چيڪٽ ڏاڍا ٿي ڪري ڇو؟

مون چيو تہ هائو ذڪر ڪري ٿي اسان جي گفتگو ٻڌي، پاڻ ڪريمن فرمايو تہ ڇا ٿي چيو؟ مون سموري ڳالهه عرض ڪئي، تنهن تي پاڻ مرڪي فرمايائون هائو اسان جي شهر جي ڪورين وانگر ذڪر ڪري ٿي

اي عزيز! پير سائين جن جي عادت مبارڪ هئي، جو جماعت سان گڏ شهر جي ڪورين کي زوري ذڪر ۾ ويهارينداهئا، پر جي ڪو حلقي ۾ نہ ويهندو هو تہ انهيءَ کي لکڻ هٿي، مار ڏيئي بہ ذڪر ۾ ويهارينداهئا ان وانگي محمد شفيع جي جتي، جيڪا گرميءَ ۽ زور سبب چيڪٽ ڪري رهي هئي.

نقل 2: عبدالله فقير کورواهي نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن پڃ (ڪڇ جو هڪ وڏو شهر) کان سنڌ ڏانهن ٿي آيا نذراني ۾ پيش ٽيل ڪيرٽي عالي فقير وٽ هئي ۽ گجرن جو نذرانو فيروز فقير وٽ هو، شهر کان ٻاهر نڪري سفر جي دوران ٻانهي کي هي ڪافي پڙهڻ جو حڪم فرمايائون: روهہ نہ وئي رات، ڪونجڙي ڪوهہ نہ ٻانهي سندن سواري جي پاسي سان هلندي، اها ڪافي پوري ڪئي. فيروز فقير چاقوءَ سان گجرون صاف ڪري پيش ڪيون، پاڻ ڪجهہ استعمال ڪيائون، اتي عالي فقير عرض ڪيو تہ قبلا! مون کي الائي جي ڇو گجرن کان وڌيڪ ڪيرٽي پسند آهي. پاڻ فرمايائون تون بي نفس آهين.

نقل 3: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ تنڊي قيصر نظاماٽيءَ ۾ تشريف فرما ٿيا هئا، پاڻ ٻيپهريءَ جي نماز ۾ ٻن رڪعتن تي سلام ورايائون تہ مان بہ ورايم حالانڪہ مان مسافر ڪونہ هوس ٻانهي ڏانهن نهاري فرمايائون تہ مُلن جي هٿ نہ آيو آهين؟

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 4: هڪ پيري ٽڏي (شڪارپور جي لڳ) ۾ حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ حاضر هوس اتي دعوتيءَ کٽڪ جي ماني ۽ چٽا پيش ڪيا. پاڻ فرمايائون ته چٽن ۾ ٿي خصوصيتون آهن: هي مردن لاءِ مقوي (قوت ڏيندڙ) آهن. مون عرض ڪيو ته قبلا! مان ڪائي سگهان ٿو؟ پاڻ فرمايائون ته تون ته ڇڙو آهين تون قوت کي ڇا ڪندين؟ پوءِ مرڪندي فرمايائون: الهزل فی الکلام کالملح فی الطعام" موجب ته جيڪڏهن الله پاڪ پنهنجي مهرباني‌ءَ سان توکي حورون عطا ڪيون ته پوءِ تون ڇا ڪندين؟ تنهن تي عرض ڪيم، حضرتا! پانهي کي ته پنهي جهانن ۾ اوهان ڪريمن جي محبت ۽ زيارت ڪافي آهي. پاڻ فرمايائون مان سمجهان ٿو ته توهان خدا جا طالب آهيو، پر حورون به ضرور عطا ٿيندیون، تنهن تي عرض ڪيم ته حضرتا! پوءِ پنهي جهانن جو حساب به انهن کان ونبو. تنهن تي پاڻ منهن مبارڪن تي رومال رکي مرڪڻ لڳا.

نقل 5: قاضي محمد شفيع نقل ڪري ٿو ته هڪ پيري مير چام ٽالپر جي دعوت تي حضرت پير سائين جن جي چيلهه ۽ پنيءَ کي زور ڏيندي پاڪر پاتم. پاڻ مرڪندي فرمايائون ته زورن ڏيڻ ۾ تنهنجي اها ئي نيت هئي نہ؟ پوءِ پاڻ مثال طور فرمايائون ته گنجو، سست ۽ چنجهو، ٽيئي پاڻ ۾ سنگتي هئا، هڪ پيري پاڻ ۾ واعدو ڪيائون ته اڄ گنجو مٿو نہ ڪرڻي، سست پانهن کٽي آرس نہ پيچي ۽ چنجهو اکيون نہ مهٽي. پر سست هي چوندي ته منهنجي پيءُ جي ڪمان اهڙي سخت هئي جو پنهي پانهن سان مس چلو چاڙهي سگهندو هوس، ڪَرَ پيچي ويو. اهڙي طرح چنجهي پنهنجي گهٽي جي سگن جو نموني ڏيکارڻ جي بهاني اکيون مهٽي ويو ۽ گنجو اهو ڏسي ٻئي هٿ مٿي تي زور سان هٽندي دانهون ڪري چوڻ لڳو توهان ته ٻئي نڪي ڪري پنهنجي عادت پوري ڪري ويا. اهڙي طرح پاڻ به پنهنجي عادت پوري ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

نقل 6: هڪ پيري قدمبوسيءَ لاءِ درگاهه مبارڪ تي پهتس ته پاڻ درياء جي هن طرف ويل هئا، اسان پنجن ڇهن فقيرن به اوڏانهن منهن رکيو، ايان اورين پير هئاسين ته حضرت پير سائين جن ٻيڙي ذريعي هن پر اچي پهتا اسان اتي قدم بوسي ڪري سندن خدمت ۾ رهي درگاهه شريف پهتا سون وات تي سهتي فقير هنگوري، خوشطبعي وچان عرض ڪيو ته قبلا! محمد شفيع چوي ٿو ته مان سهتي جي زال جهڙي زال پرٽبس. پاڻ مرڪندي فرمايائون ته محمد شفيع کي خنثيٰ (کدڙو) پرٽائينداسين. پانهي ڏڃندي خنثيٰ جي معني پڇي. پاڻ فرمايائون ته خنثيٰ جي مرداني ۽ زناني عضون جا نشان هوندا آهن ڇهه مهينا هڪڙي عضوي ۾ ۽ ٻيا ڇهه مهينا ٻئي عضوي ۾ طاقت رهندي اٿس. پانهي عرض ڪيو ته قبلا! خنثيٰ کي جڏهن مرداني عضوي ۾ طاقت ٿئي ته پوءِ ڪيئن ڪبو؟ پاڻ سڳورن اها ڳالهه ڪاٿيندي فرمايو ته توکي حقيقت ۾ طريقت سان نڪاح ڪرائينداسون.

نقل 7: هڪ پيري حضرت پير سائين جن ڪڇ جي سفر ۾ بهاريو هر ڳوٺ، لڳ لاس وٽان لنگيا ته

تتر نظر آيا، پير سائين جن تترن جي پويان گهوڙو ڊوڙايو، تتر اولهه طرف اڏاٽا، جنهن طرف ميدان صاف هو اوپر طرف وڻ وغيره هئا، مون خيال ڪيو ته وٽن سبب تتر وري ٻه اوپر طرف ايندا تنهن ڪري مون انهيءَ طرف وهٽ ڊوڙايو، اتفاقًا هڪ تتر ريڑهه ڊوڙندو منهنجي اڳيان اچي پيو مون تتر کي کٽي پڪڑيو حضرت پير سائين جن سڏي فرمايو ته خليفا، اهو تتر ته اسان شڪار ڪيو آهي مون تتر پيش ڪندي عرض ڪيو ته شڪار ته اوهان جو ڪيل آهي، پر مان ٻه ڀيڙيءَ زال وانگر (جنهن سٽ کٽي اچي يوسف جي خريدارن ۾ نالو ڳٽايو هو) شڪار ۾ نالو ڳٽايو آهي پاڻ اهو ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا.

نقل 8: هڪ پيري حضرت پير سائين جن نٽي شهر ۾ رونق افروز ٿيا جتي ويهارو ماڻهو ذڪر جي تلقين ونڻ آيا سندن حڪم سان ٻانهي آيلن کي تلقين ڪئي ۽ ان کان بعد هڪ ٻيڙي عورت ٻه مريدياڻي ٽيڻ لاءِ حاضر ٿي حضرت پير سائين جن قاضي عبدالرحمان نصرپوري (جيڪو ڪامل ولي هو) کي ٻيڙي جي تلقين جو حڪمڏنو قاضي جهنگ جي خيال سان ويل هو ايتري دير ڪيائين جو ٻيڙي انتظار ڪري موٽي ويئي جڏهن قاضي آيو، تڏهن پاڻ ڪريمن مرڪندي فرمايو ته خليفي کي ويهڻ ماڻهن جي تلقين جو حڪم ڪيو سون ته انهيءَ سيني کي تلقين ڪئي پر توکي هڪ پوڙهي جي تلقين لاءِ چيوسين ته تون انهيءَ کي ٻه تلقين نه ڪري سگهئين سا ويچاري ويهي ويهي موٽي ويئي.

نقل 9: هڪ پيري حضرت پير سائين جن لاڙڪاڻي ۾ صاحبزاده خليفة الله هٿان، رحيمداد قوال سان خوشطبعي ڪرائي رحيمداد فقير لونگن تان چڙهندو هو، حضرت خليفة الله رحمة الله عليه هڪ فقير هٿان رحيمداد فقير جي هٿ تي لونگ رکرايو، جنهن تي رحيمداد فقير ڪاوڙ جي نه فقط لونگ اڇلايائين، بلڪ لٽا، ڪپڙا ۽ ٽوپي وغيره ڦاڙي ڇڏيا پير سائين جن مرڪندي رحيمداد فقير کي نوان ڪپڙا لنگي ۽ ريشمي ٽوپي عنايت ڪئي.

نقل 10: حضرت پير سائين جن هڪ سفر ۾ دعوت تي طعام واپرائيندي، هن ٻانهي کي پاڻ سان گڏ ويهاريو پاسي کان رحيمداد فقير ٻين فقيرن سان طعام کائي الحمد لله چوڻ لڳو پاڻ فرمايائون کهڙي شيءِ تي حمد ڪيئي؟ عرض ڪيائين ته حضرتا! انهيءَ ڪري جو اسان اڳ ۾ فارغ ٿيا آهيون تنهن تي پاڻ مرڪندي پنهنجي ٽانون مان طعام کٽي رحيمداد فقير قوال ڏي وڌايائون.

نقل 11: قاسم فقير لوهر بانجو (ڪير هڏي جي لڳ) رهندڙ ۽ حافظ فقير لوهر ڪڙيي جو رهندڙ، ٻئي حضرت پير سائين جن جا مريد هئا. فقير (جامع ملفوظات) کي قاسم فقير لوهر وٽ سڏ جي لاءِ ونڻي ويا قاسم فقير سڏ ڏيندي چيو ته مون خليفي صاحب جي ڪري نياڻي ڏني، پر لوهرن کي نه ڏنم. پير سائين جن جڏهن فقير وٽ ڪڙيي ۾ رونق افروز ٿيا ته قاسم فقير ڪر گهرائي خوش طبعي وچان فرمايائون قاسما! لوهرن سان نسبت ڪيئي؟ عرض ڪيائين حضرتا! پنهنجي نائي (نياڻي) سان ڪئي اٿم ۽ سندس ڏيءَ مون وٽ پنهنجي ڏيءَ ۽ پيٽ جي برابر آهي.

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 12: حضرت پير سائين جن حديث شريف مان بيان ڪندي فرمايو تہ هڪ ٻڍڙي عورت پاڻ ڪريمن ﷺ جن وٽ آئي ۽ جنت حاصل ٿيڻ جي دعا لاءِ ٻہ ٽي پيرا عرض ڪيائين. پاڻ سونهارن هر پيري اهو فرمايو تہ جنت ۾ ڪابہ ٻڍڙي نہ هوندي. ٻڍڙي سخت غمگين ٿي، تڏهن حضرت سرور ڪائنات ﷺ جن ٻڍڙيءَ کي سمجايو تہ بهشت ۾ هن جهان جا پوڙها، مرد خواه عورتون آخرت ۾ جوان هوندا.

نقل 13: حضرت پير سائين جن محمد فقير ڪٽي، ڳوٺ باقر فقير نظاماڻي لڳ شهداد پور جي دعوت تان صبح جو سوار ٿيا تہ اتان جي هڪ فقير زيارت لاءِ عرض ڪيو. پاڻ وٽس وڃي زيارت ڪرايائون تہ هڪ عورت ڪرڙ جي ڏونرن جي دعوت عرض رکي. فرمايائونس امان ڪٽي اڇ. مائي سڳوري پيالي ۾ ڏونرا ڪٽي آئي، پير سائين جن جي صلاح تي سمورن فقيرن ڏونرا کائڻ شروع ڪيا، هڪ فقير مٺ پيري ڪنئي. اهڙي طرح پوءِ ٻين فقيرن ٻہ ڪنيا، تنهن تي پاڻ ڪجھ ڏونرا ڪٽندي فرمايائون هاڻي تہ لٽ پئي آهي.

نقل 14: هڪ پيري وڏن شهپرن وارو هڪ بلوچ، حضرت پير سائين جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ آيو. فقيرن زبردستيءَ سندس مڃون ڪٿيون. تنهن تي اهو بلوچ شخص ڪاوڙجي پير سائين جن وٽ دانهن ڪٽي آيو پاڻ پنهنجي لبن مبارڪن تي هٿ رکي خوش طبعي وچان فرمايائونس، يار هي فقير تہ زور آور آهن، اسان سان ٻہ اها ڪار ڪئي اٿن تڏهن ان شخص چيو تہ مار هي نامراد توکان ٻہ نہ مڙيا آهن.

نقل 15: محراب فقير سنجراڻي نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري حضرت پير سائين جن کي دعوت ڪري گهر وڃي آيس ۽ چانورن جي رَبِ پيش ڪيم، پاڻ پنهنجي پاسي جو حصو کائي طعام مان هٿ ڪڍيائون مون (انهيءَ خيال سان تہ پاڻ اڃان ٿورو کائن) عرض ڪيو تہ حضرتا! ٿانو چٽي صفا ڪرڻ سنت آهي پاڻ فرمايائون تہ برابر ٿانو صفا ڪرڻ سنت آهي، پر پيٽ ڀاڙڻ حرام آهي.

نقل 16: رحيمداد فقير خيرو سامٽي (لڳ لاڙڪاڻہ) جو، پير سائين جن جو خاص مخلص ۽ با ادب مريد هجڻ سان گڏ ڪلٽو ملٽو ۽ خوش طبعي جو ڪوڏيو هو پاڻ ڪريمن درياءَ جي پرين پر سفر شروع ڪيو تہ رحيمداد فقير قوال ٻہ دعوت عرض رکي، هن شرط سان تہ وٽس ڪجھ ٻہ نہ هجڻ ڪري دعوت لاءِ قرض جي ادائگي ٻہ پير سائين جن ڪندا. پاڻ ڪريمن دعوت قبول فرمائي ۽ دعوت خير جي ٽي گذري تہ رحيمداد فقير سامان ويڙهائي، ڳنڍڙي گهرواري کي ڪٽايائين تہ هندو (جنهن دعوت جو سامان ڏنو هو) ويچارو ڏاڍو پريشان ٿيو ڪڏهن فقير کان تہ ڪڏهن سندس گهر واريءَ کان قرض پيو گهري. رحيمداد فقير چيس تہ سيٺ! دعوت تہ پير سائين جن ۽ سندن جماعت کاڏي آهي اسان تہ ڪجھ ٻہ ڪونہ کاڏو. قرض وڻين تہ پير سائين جن کان يا سندس جماعت کان وٽ پاڻ ٻڌل ئي ڪونہ آهيون. هندو

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ويچارو پاڻ ڪريمن وٽ دانهن ڪٽي آيو. پاڻ سڳورن هندوءَ جو پورو پورو قرض ادا ڪري ڇڏيو ۽ جو ڪجھ ٿيو، سو فقط رحيمداد فقير جي خوش طبعي ڏسڻ لاءِ ٿيو ورنہ قرض ادا ڪرڻ جو تہ پاڻ واعدو ڪري چڪا هئا.

نقل 17: طيب فقير نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري درگاھ مبارڪ تي حضرت پير سائين جن جي ڳل مبارڪ جا وار مبارڪ نچڪٽي سان چونڊيم ٿي تہ پاڻ فرمايائون ڇا اڃان بالغ نہ ٿيو آهين؟ مون جواب ۾ ماڻ ڪئي هڪ پاسي جا وار صاف ڪري، بي پاسي شروع ٿيس تہ صاحبزادي محمد شاھ نچڪٽو گھريو مون ڪيس چيو تہ اڃان هڪڙو طرف باقي آهي تنهن تي پير سائين جن مرڪندي فرمايو تہ پوءِ تون هڪ طرف بالغ ٿيو آهين (بالغ جي شايد لغوي معنيٰ مراد هجي، جو اڃان هڪ طرف پهتو آهي؟ والله اعلم)

وار چونڊرائيندي پاڻ ڪريمن ڇڪ ڏني تہ نڪ مبارڪ مان ڪجھ پاڻي منهنجي هٿن تي پيو، جيڪو مون تبرڪ خاطر پنهنجي منهن کي ملي ڇڏيو، جڏهن تہ پير سائين جن انهيءَ عمل کان روڪڻ لاءِ فورًا پنهنجو هٿ مبارڪ مون ڏانهن ڊگھيڙيائون.

نقل 18: خليفو ميان سارنگ فقير نقل ڪري ٿو، تہ هڪ پيري سخت گرمين ۾ حضرت پير سائين جن سان سفر ۾ ساڻ هوس مينهن جي مند هجڻ سبب هوا بند ۽ سخت اٻس ٿي پئي هئي پير سائين جن خوشطبعي وچان فرمايو، سارنگ وسندين بہ يا رڳو گرمي ڪندين؟ عرض ڪيم حضرتا! سارنگ اٻس بغير تہ ڪونہ وسندو آهي.

نقل 19: رمضان فقير سهتو (ٽنڊي بهادر فقير نظاماٽيءَ جو) نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري پنهنجي زال مسمات سدوري سميت درگاھ مبارڪ تي زيارت لاءِ حاضر ٿيس حضرت پير سائين جن اسان کي ڏسندي ئي فرمايو، روزا ويا ۽ رمضان آيو. روزن ادا ڪرڻ تي فقيرن عرض ڪيو قبلا سدوري ڪٽي معاف ٿئي، تنهن تي منهنجي زال عرض گذاريو، قبلا مان تہ ڪٽي احسان ڪريان جي رمضان (جنهن جا روزا گھٽا آهن) معاف ڪري. (سنڌ ۾ سدوري عيدالفطر کان پوءِ ڇهن روزن کي چيو ويندو آهي)

اي عزيز! پير سائين جن سدوري جي لفظ مان شوال جا ڇھ روزا مراد ورتا هئا اها خوشطبعي سفر کان ٽڪي آيل رمضان فقير سبب ڪيائون ٿي جڏهن تہ پير سائين جن جي گفتگو سالن جا ظاهري ۽ باطني ڏاڪ ميٽيندڙ هئي.

نقل 20: ساڳيو رمضان فقير نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري حضرت پير سائين جن ٽنڊي بهادر نظاماٽيءَ وٽان پٽ درياءَ جي ڪناري رونق افروز ٿيا هئا، جتي نظاماٽي فقيرن تنبو وغيره جو انتظام ڪري رکيو هو، اتي پير سائين جن آرام ڪري ورتو پوءِ فقير کين عرض ڪيو تہ قبلا! اوهان لاءِ گھر ۾ ڪدوءَ جي ڀاڄي تيار ڪرائي. اٿم پاڻ خوشطبعي وچان فرمايائون تہ خليفا! ڪدوءَ لاءِ بہ هڪ ڪنڊ

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪٽي ڇڏيندا سين.

نقل 21: خليفو ميان اميد علي نقل ڪري ٿو ته هڪ سفر ۾ حضرت پير سائين جن نر گھوڙي تي سوار هئا، خليفو ميان بخش علي گھوڙيءَ تي سوار هو. اتفاق سان خليفي صاحب جي گھوڙيءَ پير سائين جن جي گھوڙي جي اڳيان اچي ويئي. پاڻ فرمايائون ته خليفا گھوڙيءَ پري رک جيئن منهنجو گھوڙو زبردستي نه ڪري. خليفي عرض ڪيو قبلا گھوڙي ڏڪي آهي. پاڻ فرمايائون منهنجي گھوڙي لاءِ ڏڪي ۽ غير ڏڪي برابر آهن. اي عزيز! پير سائين جن جي فيض عام ۽ ڪامل نظر جي اڳيان، معتقد ۽ غير معتقد هڪ جھڙا آهن.

نقل 22: خليفو ميان غازي خان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڀيري لاڙ جي سفر دوران ٽنڊي قيصر ۾ خليفي ميان سلطان نظاماڻي لاءِ مون زڪام جي ناس سرنهن جي ٻج مان تيار ڪرائي هئي پوءِ اتان خان محمد ٽالپر ناس جي چپڻي ڏني ته ڪيس تمام گھٽيون ڇڪون شروع ٿي ڀيون. تنهن تي پاڻ فرمايائون! اسان ته ٽن ڇڪن جو جواب ڏيندا سين، باقي اسان ٻڌل نه آهيون وڌيڪ تنهنجي آ مرضي.

نقل 23: سائيڏنو فقير پليجو نقل ڪري ٿو ته هڪ ڀيري خليفي ميان لقمان سان گڏ درگاھ مبارڪ ايندي، ٽنڊي مستي خان مريءَ پھتاسين. معلوم ٿيو ته حضرت پير سائين جن بہ اتي آهن، اسان حاضر ٿي قدم بوسي ڪئي. رات ٿي ته خليفي کي فرمايائون خليفا! اڳي توسان قوال (راڳ ڳائيندڙ) هوندا هئا، اڄ ڪو اٿئي؟ خليفي عرض ڪيو قبلا! هن وقت ته ڪونہ آهي، پاڻ فرمايائون ته گڏ هجن يا نه اسان پنهنجو پلئہ توکان ضرور ونڊنداسون. تنهن تي خليفي مون کي ڪافيءَ لاءِ چيو. ڀانهي حضور ۾ ڳائي نه سگھڻ جي معذرت ڪئي، پوءِ پير سائين جن فرمايو ته قوال ته هت بہ گھٽا آهن، پر لاڙ وارن جي زبان منهي آهي ۽ ان وقت اسان پير سائين جن جي آرام لاءِ سيني کي ماڻ لاءِ چيوسون. پاڻ ڪريمن فرمايو مون کي ننڊ ڪٽي هجي ته بہ تون ڀيو جھونگار، ڇو ته سنڌ ۾ رواج آهي ته مائرون ٻارن کي سمھڻ وقت لولي ڏيندڙيون آهن.

نقل 24: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڀيري حضرت پير سائين جن لاڙ جو سفر ڪندي شهداد پور لڳ پھتا، ته اتي ماٹھن لسي گھٽي انداز ۾ پيش ڪئي ۽ پيئڻ لاءِ عرض گذاريائون پاڻ سمورن جي دل رکڻ لاءِ ڏڪ ڏيڪ پيتو پوءِ ماٹھو لسي آڻيندا رهيا، تنهن تي پير سائين جن فرمايو ته هڪ ماٹھوءَ کي مينهون تمام گھٽيون هيون، پر ٻارن کي کير جو ڏڪ بہ نه ڏيندو هو بلڪ ڪجھ وڪٽندو هو ۽ ڪجھ لسي جي لاءِ رکندو هو ۽ ٻارن کي لسي کارائي راضي ڪندو هو سو ٻارڙا شام جو مينهون ايندي ڏسي وڏي آواز سان چوڻ لڳندا هئا:

اجهي ڪنڊيون آيون آکر اوهه پري!

(يعني اجهو، هو مينهون لسي سان پرجي آيون آهن)

نقل 25: درگاھ مبارڪ تي، هن فقير لاءِ هر روز حاويليءَ مبارڪ مان ٻہ سنهڙا ڦلڪا ۽ پاڇي ايندي هئي. مون هڪ ڇيري ڪٽي خوش طبعي وچان چيو، واھ جي سڳوريءَ مانيون پچايون آهن، هنن مان تہ ڏؤ ڪونہ ٿو ٽئي؟ ٻانهيءَ اها خوش طبعي حضرت پير سائين جن کي عرض رکي تہ پاڻ فرمايائون خليفا! توهان جو پيغام مليو پر حضرت محبوب ڪريم ﷺ جن جي زماني ۾ ٻہ سنهڙا ڦلڪا پچندا هئا.

نقل 26: فقير محمد نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن ريگستان جي سفر ۾ مانڊلي کان خليفي ڏڏر وارن وٽ ايندي، بيابان هجڻ ڪري، آئون جماعت کان پنڌتي رهجي وڃڻ سبب، پير سائين جن جي سواريءَ پٺيان ڊڪندو آيم. فجر جو پاڻ سواري تان لهي فجر جي نماز ادا ڪري دعا گهريائون تہ ٻانهو معمول مطابق وظيفن جا داڻا ڪٽي ويٺو پاڻ ٻانهي ڏانهن خوش طبعي وچان نهاري فرمائڻ لڳا، پيادو آهين منزل پري آهي تون وڃ، اسان تنهنجي لاءِ دعا جو حصو ڪنيو اينداسين.

فصل چوٿون

وصيت

نقل 1: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن صاحبزادن کي پنجن ڪمن جي پابندي بابت وصيت ڪندي فرمايو تہ ١: ڪنهن ماڻهو ۾ ڪنهن بہ شيءِ خاص طرح مال جي لالچ نہ رکجو ۽ طاقت هجي تہ پاڻ ٻين کي ڏجو ٢: چور جو پاسو ڪڏهن بہ نہ ونجو ٣: ڪنهن وٽ سگ لاءِ ميڙ ٿي نہ وڃجو ۴: دنيا وارن سان سنگت يا لاڙو نہ رکجو ۵: اهل بيت جي عزت سيني کان مٿي رکجو.

نقل 2: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن صاحبزادن کي فرمايو تہ لقمان ٽالپر جي ڳالهہ پٽر تي ليکي وانگر دل تي چٽُ ڪري ڇڏجو. ڳالهہ هي آهي تہ لقمان ٽالپر ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي پاڻ ۾ گهاٽي دوستي هئي. ٻيئي مخدوم محمد زمان لنواري واري ﷺ جا مريد هئا. مخدوم کي جڏهن سکر جي حالت طاري ٿي تہ وٽس ڪيترائي طالب اچي گڏيا. لقمان ٽالپر بہ ملاقات لاءِ آيو اجازت ونڻ تي مخدوم صاحب چورايو تہ مان بيمار آهيان، ٿي ڏيرا ساڳيو جواب ملڻ تي لقمان ٽالپر بنا اجازت جي اندر هليو ويو. ڏسي تہ مخدوم صاحب تہ ڇڳو ڀلو آهي! حيرت وچان عرض ڪيائين، سائين اوهان تہ فرمايو مان بيمار آهيان؟ مخدوم صاحب چيو تہ بيماري جي بهاني بغير، دنيا وارن کان ڇوٽڪارو لهڻ مشڪل آهي.

نقل 3: هڪ ڏينهن وصال واري بيماريءَ ۾ حضرت پير سائين جن خليفي سلطان فقير نظاماڻيءَ کي فرمايو: ادا سلطان خان پلي ڪري آئين. پوءِ ڪيس ۽ ٻي جماعت کي حرمن شريفن جي خدمت لاءِ وصيت فرمايائون ۽ اهو پڻ فرمايائون تہ توهان کي روبرو چوان ٿو ۽ جيڪي موجود نہ آهن، تن کي توهان چئي ڇڏجو تہ انهن جو رزق رب ڪريم جل شانه جي هٿ آهي ۽ جيئن تہ حضور سرور ڪائنات ﷺ صحابين سڳورن کي اهڙي وصيت فرمائي هئي، تنهن ڪري اوهان کي بہ اها وصيت ڪيم ۽ پڻ فرمايائون سمورا خاص خواهہ عام مريد الله پاڪ جي درگاهہ ۾ گناهن جي معافي گهرن.

نقل 4: حضرت پير سائين جن، حضرت ميان صاحب جن جي زباني بيان فرمايو تہ ميٽ حضرت آدم جي رت جي پيدائش آهي تنهن ڪري انهيءَ کي مٿي ڏوئڻ وغيره لاءِ استعمال نہ ڪجي تہ ڇڳو (جڏهن تہ سنڌ ۾ ميٽ سان غسل جي رسم عام آهي) پاڻ سڳورن جي عادت گل خيرو ۽ ٻير جي پنن کي پاڻي ۾ ملائي وهنجڻ جي هئي سفر ۽ حضر ۾ اسان ڪڏهن بہ ڪين ميٽ سان غسل ڪندي ڪونہ ڏٺو.

نقل 5: صاحبزاده ميان هدايت الله کان نقل آهي تہ حضرت پير سائين جن آخري ڏينهن ۾ اسان کي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اتفاق جي وصيت ڪندي فرمايو تہ: بابا اسان جي والد حضرت ميان صاحب ، اسان سمورن پائرن کي گهرائي فرمايو تہ بابا! اسان کي جن ماڻهن تڪليف ڏني (جنهن سبب سندن وصال ٿيو) اسان انهن کي معافي جي خبر ٻڌائي ڇڏي آهي، توهان کي ٻہ وصيت ۽ حڪم ٿا ڪريون تہ توهان کانئن ڪنهن ٻہ قسم جو بدلو نہ ونجو ۽ نہ ئي کين کا تڪليف پهچائجو.

انهيءَ وصيت کان پوءِ هڪ ڪانُو آڻڻ جو حڪم فرمايائون جڏهن ڪانو آيو، تڏهن فرمايائون انهيءَ کي ٻہ، ٻن کي چار ۽ چئن کي گڏي، اٺ ٽڪر ڪري ڏيڪاريو؟ اسان هڪ کي ٻہ، ٻن کي چار تہ ڪري ويا سون، پر چئن ڪانن کي پوري ڪوشش کان پوءِ ٻہ ٽڪرا ڪري نہ سگهياسين. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ بابا! توهان ٻہ چار پائر آهيو، اتفاق ۾ رهندؤ تہ توهان کي ڪير پيچي نہ سگهندو ۽ دين جي ٻہ طاقت ٽيندي.

نقل 6: صاحبزاده ميان هدايت الله شاه کان نقل آهي تہ حضرت پير سائين جن وصال کان ٽورو اڳ واري سفر تي روانگي وقت، حويلي شريف وجي حرمن سڳورن کان پڇيائون تہ ڪريو خبر، جيڪڏهن کا جماعت ڪنهن جاءِ تي اڳ ۾ پهچي پوين ساڻين جي لاءِ آرام وغيره جو انتظار ڪري تہ ڪيئن رهندو؟ حرمن سڳورن ڳالهہ نہ سمجهڻ سبب ڪو جواب نہ ڏنو. وري فرمايائون تہ جهان جي رسم موجب جي هن دنيا کان لاڏاٽو ٽئي ۽ خليفي محمد حسين وانگر اسين ٻہ پنهنجن حرمن وٽ اچ وچ رکون تہ پوءِ ڪيئن؟ تڏهن حرمن سڳورن سمجهيو تہ پير سائين جن آخري سفر جو اشارو ڪري رهيا آهن، عرض ڪيائون تہ اسان جي جان توهان تي قربان، جيڪا رب جي رضا هوندي تنهن تي راضي رهبو.

نقل 7: صاحبزاده ميان هدايت الله شاه نقل ڪري ٿو، تہ آخري سفر تي روانگيءَ وقت حضرت پير سائين جن مون کي، ميان محمد ياسين شاه، ميان محمد شاه ۽ محمد صادق شاه کي گهرائي فرمايائون تہ بابا! اسان سان سفر ۾ ڪير هلندو؟ مون ۽ ميان محمد صادق شاه خدمت ۾ هلڻ لاءِ عرض ڪيو، باقي ٻن صاحبزادن ڪوٺ کو عذر عرض رکيو. پاڻ فرمايائون بابا! انهيءَ ڪري پڇيو ويو جيئن سواريءَ جو انتظام وقت سر ٿي وڃي. اتفاق سان منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ سفر ۾ گهوڙي جي خدمت جوبہ انتظام ٿي پوندو. پير سائين جن انهيءَ ارادي جي خبر رکڻ بعد فرمائڻ لڳا بابا! سفر ڪجي تہ خدا ڪارڻ ڪجي، وهٽن چارڻ لاءِ نہ

ٻئي ڏينهن پاڻ ڪريمن باغيچي ۾ ميان شاه جيئو، حضرت پير صاحب تجر ڏٽي، ٻين صاحبزادن ۽ پائرن کي گڏ ڪري فرمايو تہ بابا! حياتيءَ تي ڪو پروسو ڪونہ آهي.

حضرت ميان صاحب (پير سائين محمد بقا شاه شهيد) جن جي عمر جا ڏينهن ٻہ هن کان وڌيڪ ڪونہ هئا تنهن ڪري اوهان پاڻ مان ڪنهن کي پريو مڙس ۽ وڏو چونڊيو جو اسان ٻہ اکين سان ڏسون آخر چهڙا چمار ٻہ پنهنجو وڏو چونڊيندا آهن. ٻيا تہ مائ رهيا، باقي سيد ميان شاه جيئو عرض

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪيو تہ قبلا سائين توهان جنهن کي پڳدار مقرر ڪندا، اسان کي اکين تي رهندو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اسان جي مقرر ڪرڻ جي صورت ۾ توهان ادب سبب ماڻ رهندؤ، بهتر آهي تہ اوهان پاڻ ڪنهن تي اتفاق ڪريو. سيد ميان شاهه جيئو عرض ڪيو تہ قبلا! جي حڪم آهي تہ پوءِ وڏو صاحبزادو اسان جو اڳواڻ آهي.

تنهن تي فرمايائون هن يار کي علم، ادب، عقل، ديني ۽ دينوي ڪمن ۾ تہ سندس الله تعاليٰ پوري بلندي بخشي آهي، پر اسباب جو صاحب آهي دنيوي سببن ۾ مشغول رهڻ اسان کي پسند نہ آهي. سيد ميان شاهه جيئو، جيئن بروقت حضرت پير سائين تجر ڏٽيءَ کي مصافحي لاءِ هٿ اڳتي وڌايو، تہ حضرت تجر ڏٽي مٿو اگهاڙو ڪري ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي، پير سائين جن جي قدمن تي ڪري پيو. پاڻ سڳورا راضي ٿي دعا ڪندي، ڪيس فرمايائون تہ يقين آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي عظيم مهرباني‌ءَ سان فيض جو اهو سلسلو جاري رکندو. ڪاش جو توهان سمورا اتفاق راءِ سان اها چونڊ ڪريو ها تہ ڪهڙو نہ سنو رهي ها؟ اسين بہ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڏسون ها.

پوءِ سفر جي تياري واري رات حاويلي ۾ وڃي، جهٽ گهڙيءَ آرام فرمايائون. تہ ائين اوچتو الله جو اسم پاڪ سندن زبان تي جاري ٿي ويو. ننڊ مان جاڳي پيا ۽ ڪٽ کان لهي بہ ٽي قدم پري وڃي بينا، پوءِ وري جلدي جلدي هلڻ لڳا ۽ سندن ڪلهن تي رکيل چادر گهلبي ٿي ويئي. رات جو ڪافي وقت گذري چڪو هو حاويلي شريف کان، جمعي فقير ڪؤنري بردار کي خبر موڪلي ويئي تہ پير سائين جن ٻاهر آيا آهن جمعو فقير ڪؤنرو ڪٽي خدمت لاءِ حاضر ٿيو تہ وضوءَ جو پاڻي هاريل ڏنائين. مسجد شريف ۾ وڃي ڏسي تہ پاڻ مراقبي ۾ آهن. اهڙي طرح سڄي رات پرهہ ڦٽڻ تائين مراقبي ۾ رهيا فجر جي نماز لاءِ باغيچي ۾ اچي نئون وضو ڪري، فجر جي سنت اندر ويهي پڙهيائون ۽ ڪنهن بہ قسم جي ڳالهہ ٻولهہ ڪونہ فرمايائون. پنيءَ تي ڦرڻي نڪرڻ سبب بغير پيراهڻ جي چادر پائي، تلوار ٻڌي قاضي محفوظ جي امامت ۾ نماز ادا ڪيائون ۽ نماز کان پوءِ سفر تي روانا ٿيا. هميشہ سفر جي روانگيءَ کان اڳ ۾ حاويليءَ تي وڃي وعظ، نصيحت ۽ وصيت ڪرڻ، سندن معمول هو ننڊ ۽ کاڌي پيتي کان بي فڪر رات ڏينهن يار حقيقي (الله پاڪ) جل شانه جي انتظار ۾ رهندا هئا، مگر هن سفر ۾ محبوب حقيقي سان وصال لاءِ پاڻ تي بيماريءَ جي وات هموار ڪيائون.

نقل 8: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن وصال واري بيماريءَ ۾ صاحبزادن ۽ خليفن کي وصيت ڪندي فرمايو تہ: حاضر ۽ غائبن کي خبر هجي تہ اسان جو طريقو محمدي طريقو آهي! (عليٰ صاحبها الصلواة والسلام) جيڪو جهالت ۽ بدعت کان پاڪ آهي. جيڪڏهن هن سلسلي ۾ ڪو بدعتي ٿي پوي تہ انهيءَ کي جماعت مان خارج رکجو ۽ ساٿس ڪو لاڳاپو نہ رکجو ۽ انهيءَ هدايت تي عمل ڪجو ۽ استقامت رکجو.

نقل 9: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن وصال واري بيماريءَ ۾ خان محمد ٽالپر کي فرمايائون

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تہ هيڪر اسان تو وٽ گهوڙا چارڻ لاءِ ڇڏيا هئا. گهوڙن جي خدمت طلب کان ضرور مانع ٿي هوندي تنهن ڪري معاف ڪجو.

اي عزيز! انهن گهوڙن جي خدمتگارن تان دل جان سان قربان وڃجي جن ظاهر ۾ خدمت ڪئي ۽ ان طرح باطن کي فيض جي روشن سج سان چمڪايائون ۽ حقيقي لعل هٿ ڪيائون نقل آهي تہ حضرت مخدوم بهاءُ الدين رحمۃ اللہ علیہ کان ڪنهن پڇيو تہ سائين توهان جا ڪامل مريد گهٽا آهن؟ فرمايائون تہ خدا پاڪ وٽ تہ گهٽا آهن، پر مون وٽ فلاڻو شخص آهي جنهن کي خدمت ڪندي ٻارهن سال گذريا آهن ۽ سندس دل تي فيض ۽ نور جي تجلي نہ پئي آهي تہ بہ خدمت ۽ ارادي ۾ هر روز وڌ آهي.

چوندڙ ڪهڙو نہ حق چيو آهي تہ: پير جو ڪنهن ڪم لاءِ حڪم ڪرڻ، مريد لاءِ ترغيب آهي ۽ پاڻ ڪريمن هي جو ڪجهہ ارشاد فرمايو، سو فقط ان مريد جي دلجوئي ۽ پنهنجي ڪسر نفسي سبب هو.

نقل 10: حضرت پير صاحب بنگلي ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ حضرت پير سائين جن جي زباني روايت بيان ڪئي تہ ميان صاحب جن اسان کي آخري وصيت اها فرمائي تہ بابا! واٽ تي ٽڪ نہ اچلائجو. اسان ارشاد جو مطلب پڇيو تہ فرمايائون واٽ مان مراد طالب جي دل آهي جنهن تي غيبي اسرار گذر ڪندا آهن، ٽڪ مان مراد بيڪار وسوسا آهن.

نقل 11: صاحبزدو ميان هدايت الله شاه نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن وصال واري بيماريءَ ۾ وصيت فرمائي تہ ڪتاب ۽ مسجد جي ڪرسي (وعظ لاءِ) جي صحبت ضرور پاڻ تي لازم رکجو ۽ پٽ فرمايائون تہ فقيرن جي گهٽي دوستي ۽ دنيا وارن کان بي نيازي برقرار رکجو ۽ ان لاءِ هيءَ وضاحت بہ فرمايائون تہ ڪتاب ۽ مسجد جي ڪرسيءَ جي صحبت جي وصيت اسان جي ڏاڏي ميان محمد امام شاه جن ڪئي ۽ فقيرن سان محبت ۽ دنيا وارن کان پاسي رهڻ جي وصيت، والد بزرگوار حضرت ميان صاحب جن ڪرڻ فرمائي هئي.

نقل 12: صاحبزاده ميان هدايت الله شاه نقل ڪيو تہ حضرت پير سائين جن کي سندن وصال واري بيماريءَ ۾ غلام محمد ٽالپر ديهہ ڏڪڙي (لڳ روپاهہ) جي عرض ڪيو تہ قبلا! اسان کي ڪنهن جي صحبت جو حڪم آهي؟ فرمايائون جتي اسان جي بُوءِ اچي، انهيءَ سان صحبت ڪجو.

نقل 13: صاحبزاده ميان هدايت الله شاه نقل ڪيو تہ حضرت پير سائين جن آخري سفر (دعوتن) تي روانگيءَ کان اڳ، فجر جي نماز درگاهہ مبارڪ جي مسجد شريف ۾ پڙهي نماز پڙهڻ بعد مسجد جي چت ڏانهن نهاريائون تہ سندن اکين مبارڪن مان بي اختيار ڳوڙها ڪري پيا ۽ پنهنجي وڏي پاءُ سيد ميان سليم شاه کي فرمايائون تہ دعا گهرندا رهجو جو حضرت نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جو دين پاڪ

مضبوط ۽ سدا قائم رهي. اهو فرمائي گهوڙي تي سوار ٿيا پوءِ شاهه نظام جي ديهه پٽ پهچڻ تي حضرت پير صاحب تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ درگاهه مبارڪ تي واپس ٿيڻ جي اجازت گهري. پاڻ موڪل ڏيندي نماز ۽ ذڪر بابت ارشاد ڪندي فرمايائون ته بابا! اسان تي ايترو فرض هو. پوءِ پٽڻ ٽپي درياءَ جي پرينءَ پر الياس فقير کهڙي جي ڳوٺ وارن جي دعوت تي رونق افروز ٿيا. انهيءَ ڏينهن کين روزو هو، جڏهن ته سحريءَ تي ڪابه شيءِ ڪونه ڪائي سگهيا هئا، ٻيهرو اتي ڪري رات جو جيهَن جي ڳوٺ ۾ فقيرن جي دعوت تي آيا، ذڪر کان پوءِ گهٽي رات گذري ته سيئي فقير سمهي پيا، پاڻ ائين ئي مراقبي ۾ وينا هئا، تان جو تهجد جا نفل پڙهيائون، فجر جي نماز ادا ڪري گهوڙي تي سوار ٿي، آباد ۾ انڙن فقيرن جي دعوت تي جلوه افروز ٿيا اڄ به کين روزو هو، جڏهن ته سحريءَ تي ڪابه شيءِ ڪونه ڪاڏي هئائون سانجهيءَ تي روزي کولڻ لاءِ ماني آئي، ان وقت ڪنهن فقير کي گوشت ۽ کير گڏ ڪائيندي ڏسي، جوش ۽ سختيءَ سان فرمايائون ته حضرت رسول ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن کڏهن به کير ۽ گوشت گڏ نه ڪاڏو آهي عجب آهي جو اوهان سندن متابعت ڇڏي، نفس جي پيروي ڪيو ٿا. پاڻ اتي به ساڳيءَ طرح مراقبي ۾ گذاريائون. صبح جو روزي سان، اتان چڙهي بقاپور ۾ مريدن جي دعوت تي آيا ۽ رات به اتي ترسيا. اتي فرمايائون ٿي ته اسان ننڍپڻ ۾ گهٽا ڏينهن هت علم پڙهيو هو، سندن اها رات به ساڳيءَ طرح مراقبي ۾ بنا آرام جي گذري. فجر جي نماز ادا ڪري روزي سان اتان ڳوٺ پهتا، اتي لاڙڪاڻي جي فقيرن صوف ۽ بادرنگ نذراني ۾ آندا، پاڻ فرمايائون ته صوف سمورا ورهائي ڇڏيو، بادرنگ مان منهنجو حصو رکي باقي ٻيو جماعت ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. اتي ٻيهرو ڪري اڳين نماز تي سامٿين جي ڳوٺ ۾ ابوبڪر فقير جي دعوت تي روانا ٿيا، واٽ ۾ عرض ڪيم ته حضرتا! هي کهڙا ٿا روزا رکو؟ فرمايائون ته لاڙ واري سفر ۾ رمضان شريف جو هڪڙو روزو اسر جي وقت نه اٽڻ سبب قضا ٿي ويو هو ۽ ٻيو روزو مٿين رمضان جي اوٽڻيهين تاريخ شوال جي چند ڏسڻ ۾ تفاوت پوڻ سبب فوت ٿيو هو. ٿيون روزو هن سبب قضا ٿيو جو، حضرت سردار دو عالم صلی اللہ علیہ وسلم جن رمضان شريف واري مهيني ۾ جڏهن سفر کان موٽي مدينه شريف ۾ آيا ته، ان ڏينهن روزو نه رکيو هئائون. اسان ان ڏينهن متابعت سبب روزو نه رکيو (۽ چوٿين روزي جو سبب به بيان فرمايائون پر مونکان وسري ويو آهي) ۽ فرمايائون ته هاڻ جلدي پنهنجي شهر ڏانهن هلون ٿا.

ان کان پوءِ فرمايائون ته بادرنگ جمعي فقير کي نه ڏج ۽ تون پاڻ سان رکج جو روزي کولڻ وقت کائينداسون. اتفاقًا مون اڳي ئي جمعي فقير کي بادرنگ ڏيئي ڇڏيا هئا، جيڪو اڳ ۾ هليو ٿي، انهيءَ وري عيسيٰ فقير کي ڏئي ڇڏيا هئا، جيڪو منزل تي ڪٽي ويو، پٽيان گهوڙو گهٽو ئي ڊوڙايم، پر ڪيس پهچي نه سگهيس. واٽ تي اسان وري قاضي محمد اڪبر جي مسجد ۾ قاضي صاحب جي پاڻ جي فاتحه خوانيءَ جي لاءِ لٽاسون، جڏهن ته قاضي موجود نه هو. بادرنگ هٿ نه اچڻ سبب دل ۾ سخت ارمان هو، مون خليفي غازي خان کي چيو ته جي پير سائين جن مون ڏانهن نظر فرمائين ته هو بادرنگ

كندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

جي سڃي حقيقت عرض گذاري ڇڏي. مون سانجهيءَ جا نفل پڙهيا، غازي خان سڃي صورتحال کين عرض رکي، پوءِ پاڻ کير جي ڪچي لسيءَ سان روزو کوليائون. سانجهيءَ جي نماز پڙهي اتان چڙهيا ۽ ابوبکر فقير جي دعوت تي اچي لٿا، ماني تيار ٿي ته سموري جماعت ماني کاڌي، پر پاڻ فرمايائون ته مون کي اشتها ڪانه آهي. بعد ۾ جمعي فقير کان بادرنگ ونڻي ڪٽي حضور ۾ آيس، پاڻ ڪپڙي سان منهن مبارڪ ڍڪيو ڪٽ تي آرام فرما هئا. آئون زور ڏيڻ لڳس، پاڻ فرمايائون ته ڪير آهين؟ عرض گذاريم ته هدايت الله، پٽ بادرنگ کائڻ لاءِ عرض ڪيم فرمايائون ماڻهن ۾ کائيندي حياءٿو ٿئي. آخرڪار چادر هيٺ بادرنگ پيش ڪيا ويا، هڪ به ڳٽرا کائي سهراب فقير کي (جيڪو ڪٽ جي پرسان مراقبي ۾ هو) فرمايائون ته ميان هدايت الله کي چئو ته بادرنگ ورهائي ڇڏي. اها رات به پاڻ مراقبي ۾ هئا، صبح جو همون جوٽيجي جي ڳوٺ فقيرن جي دعوت تي آيا. جتي نوان مريد تمام گهٽا ٿيا، رات جو منزل اتي هئي. صبح جو ميري گهانگهري جي ڳوٺ فقيرن وٽ تشريف فرما ٿيا. اسين پنتي هئاسين، رستي ۾ چورن هڪ هنڌ تي ڦريو ٿي. ميان قابل شاهه، سارنگ فقير ۽ ٻين فقيرن چورن تي حملو ڪيو ته ٻيا ڀڄي ويا ۽ هڪ هٿ آيو، جنهن کي جماعت ۾ ونڻي آيا. پاڻ قرآن پاڪ جي تلاوت ٿي ڪيائون ڪجهه وقت گذرڻ بعد فرمايائون ته جيڪو يار توهان ونڻي آيا هئا، سو ڪٿي آهي؟ عرض ڪيائون ته سرڪار جا ماڻهو ونڻي ويا، تنهن تي ناراضي ٿي فرمايائون ته ڇا اسان جي جماعت مان ونڻي ويا؟ جڏهن ته منهنجو خيال هو ڪيس توبه ڪرائي، ذڪر جي تلقين ڪرڻ جو. پٽ فرمايائون يارن ڇا سمجهيو آهي، جو اسان جي پرپٽ ان جي ٻانهن سرڪار جي ماڻهن کي ڏنائون.

صبح جو اتان چڙهي مکو سيال جي ڳوٺ منزل انداز ٿيا، ٻي ڏينهن سيدگلاب شاهه جي دعوت تي رونق افروز ٿيا اتي ميان فيض محمد ۽ ٻين ٽن فقيرن کي جهولي جو اثر ٿيو هو. اتي فقيرن کافيون ۽ غزل چيا، پاڻ به سڃو ڏينهن جماعت سان گڏ وينا هئا ۽ کافين ٻڌندي بي اختيار سندن اکين مان موتي جا قطرا ڪرندا رهيا. صحبت کان فارغ ٿي منجهند جي آرام لاءِ جاءِ تي آيا، قيلولو ڪري فارغ ٿيا ته سپ کان اڳ مسجد شريف ۾ آيا، نفل پڙهي قبلي ڏانهن منهن ڪري وينا، مان به وضو ڪري خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ طبعيت مبارڪ بابت پڇا ڪيم فرمايائون ته اڳوٽي بيماري جنهن کان مٿي ۾ ڦيري ٿيندي هئي، نظر اچي ٿي. پوءِ اڳين نماز پڙهي فتح محمد راهي جي دعوت لاءِ، پٽن جي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا، وچ ۾ خليفي محمد حسن جي ڳوٺ به تشريف فرما ٿيا، منزل تي وچين نماز ۾ ڪين ڪئي آئي ۽ بيهوشي طاري ٿي. هوش ۾ آيا ته مغرب جي ٽائيم بابت پڇيائون عرض ڪيم ته وقت آهي، فرمايائون بابا! اڳيان ٿي نماز پڙهايو پر ننڍيون سورتون (جيئن والعصر ۽ انا اعطينا) پڙهجو، چو ته بيهڻ ڏکيو ٿو لڳي. مون حڪم مطابق نماز پڙهائي، بعد ۾ فرمايائون ته موريز جلد ٺهرايو ۽ ڪٽ موريز جي ويجهو ڪري رکو. حڪم مطابق ڪٽ رکي ويئي پاڻ چار پيرا قضا حاجت لاءِ اٿيا، الٽي وري آئي، جنهن کان بعد فرمايائون ته سفر لاءِ گهوڙا تيار ڪريو. مون فيروز فقير ۽ غازي

ڪنديره پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

خان ٽالپر سان صلاح ڪري عرض ڪيو تہ حضرتا ڪٽولي تيار ڪرائي، ان تي سفر ڪريو. شهر وارن ۾ ڪجهہ ماڻهو ڏٺا آهن، يا وري درگاهہ شريف هلون پاڻ فرمايائون تہ جيسين حياتيءَ جون گهڙيون آهن. تيسين اهي گهڙيون مالڪن جي ڪم (امر ۽ نهي) ۾ صرف ڪبيون. وري عرض ڪيو سون تہ حضرتا! ڪٿ ڪٽندڙ حاضر آهن. فرمايائون آئون ڪنهن کي تڪليف هيڻان آڻڻ نہ ٿو گهران. عرض ڪيوسون اسان فقير ۽ گهٽا آهيون. فرمايائون فقير اسان انهيءَ لاءِ نہ ڪنيا آهن جو مٿن بار ٿيون. پوءِ آخرڪار گهوڙي تي سوار ٿيا، وات تي فرمايائون تہ منهنجو خيال آهي تہ رستو هن طرف آهي. عرض ڪيوسون تہ اسان ۽ ائين سمجهون ٿا. فرمايائون تہ ميان قابل شاهہ جي پٽيان نہ هلو جڏهن تہ ميان قابل شاهہ ۽ ڪوهہ پري هليو ويو پاڻ برابر سڏا سلامي جي ڳوٺ تشريف فرما ٿيا، اتي فرمايائون تہ عشاءَ جي نماز جو وقت تنگ پيو ٿئي، جلد امام ٿي نماز پڙهاءِ. نماز کان بعد ڪجهہ وقت آرام فرمايائون، حڪم مطابق فجر نماز ۽ آئون پڙهائي، صبح جو ايتري ڪمزوري هوندي ۽ ڳوٺ جي فقيرن جي تڪليف ڏيڻ تي سندن گهرن ڏي وڃي زيارت ڪرايائون. اتان چڙهي ٻيهرن جو مڪول جي ڳوٺ ساداتن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا، اتي سرنهن جي ساڳ جي طلب ظاهر فرمايائون، ساڳ تيار ڪري پيش ڪيوسون، پاڻ ٿورو واپرائي گدامڙيءَ جو پاڻي پيتائون. مون هڪ پيرو وري عرض گذاريو تہ حضرتا! بي خوشائي غالب آهي، تنهن ڪري درگاهہ شريف تي موڪلي هلو تہ بهتر، پر سندن جواب ساڳيو هو. ٻيهريءَ وقت نماز جو امر ڪين، پڻ فرمايائون تہ مون اڳي درگاهہ شريف تي هلڻ پسند نہ ٿي ڪيو، پر جڏهن ضروري ڪمن بابت وصيتون ڪرٽيون آهن، جيڪي هن وقت تائين نہ ڪيون ويون آهن، تنهن ڪري پنڌتي هلو آرام لاءِ محافي طور ڪٽولي تيار ڪرڻ جو حڪم مليو، جنهن تي پاڻ آرامي ٿيا، فرمايائون قمبر تعلقي ۾ هَڪڙن جي ڳوٺ وارن اسان کي دعوت ڏني هئي، اسان کين واعدو ڏنو هو تہ اوهان جي ڳوٺ اچي اوهان جي نئين مسجد ۾ نفل پڙهنداسون، تنهن ڪري اوهين ان ڳوٺ وٽان لنگهجو، جيئن واعدو پاڻيندا هلون.

انهيءَ ڳوٺ پهچڻ تي پاڻ ڳوٺ وارن کي فرمايائون تہ دستن سبب مسجد ۾ هلڻ ڏکيو آهي، باقي گهرن ۾ هلي گهر وارن کي زيارت ڪرائيندس. پوءِ انهن جي گهرن ڏانهن اسريا ۽ زيارت ڪرايائون. اتي سانجهيءَ جو وقت ٿيو ۽ موريز ڏانهن ويا، موريز وڃڻ وقت فرمايائون تہ مون کي خبر نہ ٿي پوي تہ حضرت ميان صاحب (سيد محمد بقا شاهہ، سندن والد ماجد) جن جو روضو شريف ڪهڙي طرف آهي تہ سندس ادب کان ان طرف پاهر نہ وڃجي تنهن ڪري آئون انهيءَ طرف اشارو ڪري عرض گذاريو، بعد ۾ وضو ساري نماز پڙهيائون، پوءِ شهر جي زالن اٽڪل (۷۰) ستر روپيا مٿن صدقو ڪيا. پاڻ فرمايائون تہ اها گهور، مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيو.

تنهن کان پوءِ درگاهہ شريف ڏانهن روانا ٿيا ۽ فرمايائون تہ خالد جي ڳوٺ ترسجو، ڇوجو صابر فقير ڪلهوڙي کي زيارت جو واعدو ڏنل آهي. رات جا ۾ حصا گذري ويا، تڏهن اسان خالد جي

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

گوٺ جي ٻاهران پهتاسون، حڪم فرمايائون تہ سومهٽيءَ جي نماز پڙهايان. نماز پڙهايم، فجر جي وقت صبح جي نماز پڙهي، اتان چڙهي درياءَ تي آياسون تہ حضرت خليفة الله ﷺ اچي قدم بوسي ڪئي، جيڪي درگاهہ مبارڪ تان آيا ٿي ۽ ٻيڙيءَ تي سوار ٿيٽ وقت ميان محمد ياسين ﷺ جن بہ اچي گڏيا پوءِ درياءُ لنگهي درگاهہ مبارڪ تي رونق افروز ٿيا.

اڪثر ائين فرمائيندا هئا تہ منهنجي دل ٿي گهري تہ پنهنجي يارن، خدا جي طالبن جو ديدار ڪجي ٻي ڏينهن گهٽا فقير اچي گڏ ٿيا، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ:

يارن جي پنڌ جي تڪليف جو گهٽو حياءُ ٿئي ٿو انهيءَ ڏينهن تي پڇيائون تہ لاڙ جي يارن مان ڪو آيو آهي يا نہ؟ عرض ڪيو ويو تہ حضرتا اڄان ڪو نہ آيو آهي.

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ لاڙ جا ڪيترا فقير پهتا ۽ حضرت پير سائين روضي ڏٽي جن شعبان جي پهرين تاريخ جمع ڏينهن ۱۲۳۴ھ ۾ هن جهان کان عالم بالا ڏانهن معراج فرمايو. (اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ)

نقل 14: اميد علي ٽالپر کان نقل آهي تہ حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ اسان جا نڪتا هوش جي ڪنن سان ٻڌي دل سان قبول ڪري، سانڍجو جو اهي نڪتا ٻي جاءِ تي ٻڌي نہ سگهندا.

نقل 15: هيڪر حضرت پير سائين جن ارشاد فرمايو تہ حضرت ميان صاحب جن نڪتا بيان ڪري فرمائيندا هئا تہ اهي نڪتا اوهان کي ٻي هنڌان ٻڌڻ ۾ نہ ايندا، مگر اڳوٽن جي ڪن ڪتابن ۾ آهن.

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

فصل پنجون
اولياءِ ڪرام جو مرتبو

نقل 1: حاجي احمد فقير ٽالپر کان نقل آهي تہ هڪ پيري حضرت پير سائين جن سڪ پور، دعوت تي تشريف ونڊي ٿي ويا، رستي تي واٽ ڏيکارينڊڙ جو مٿو ڦري ويو ۽ واٽ پلجي ويس پاڻ ٻئي رستي کان جڏهن منزل تي پهتا تہ فرمايائون، الله تعاليٰ ولين کي پلجڻ کان محفوظ رکيو آهي ۽ زمين ولين جي عشق سبب هر وقت خدا پاڪ کان ولين جي زيارت لاءِ پئي دعا گهرندي آهي تنهن ڪري الله تعاليٰ پنهنجن ولين کي انهيءَ زمين جي شوق لاءِ اوڏانهن موڪلينڊو آهي.

نقل 2: هڪ پيري ڪنهن مريد حضرت شاه عبداللطيف رحمۃ اللہ علیہ ۽ مخدوم عبدالرحيم رحمۃ اللہ علیہ جن جي حال بابت حضرت پير سائين جن کان پڇيو پاڻ فرمايائون شاه صاحب تي محبت، عشق ۽ طلب جو شوق غالب هو ۽ مخدوم عبدالرحيم حقيقت ۽ رازن جي درياءَ ۾ مست ۽ مستغرق هو.

نقل 3: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ وصال جي وقت ولين جو روح جسم کان ائين جدا ٿيندو آهي، جيئن ڏيڏر هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ٽپ ڏيئي وڃي. جڏهن تہ عام ماڻهن جو روح ملائڪ چڪي ٻاهر ڪڍندا آهن.

اي عزيز! نبين ۽ ولين جو هن جهان کان لاڏاڻو، پراڻي جاءِ کان نئين جاءِ ڏانهن اچڻ جهڙو آهي ۽ حديث شريف "اَلَا اِنَّ اَوْلِيَاءَ اللهِ لَا يَمُوْتُوْنَ وَلٰكِنْ يَنْتَقِلُوْنَ عَنْ دَارٍ اِلٰى دَارٍ" (يعني، خبردار الله وارا مرندا نہ آهن، پر هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ منتقل ٿيندا آهن) انهيءَ حقيقت تي شاهد آهي دنيا تہ انهن لاءِ قيد، مصيبت ۽ فنا جي جاءِ آهي اهڙي جاءِ ۾ کين ڪهڙو آرام هوندو.

بند بگسل باش آزاد اے پسر
چند باشی بند سيم و بند زر

(اي پٽ! قيد جو زنجير ٽوڙي آزاد ٿيءُ، سون ۽ چانديءَ جي زنجيرن ۾ ڪيترو وقت جڪڙيل هوندين)

نقل 4: هڪ پيري حضرت پير سائين جن وٽ حاضر هوس تہ هڪ فقير هٿ ۾ ڪتاب ڪنيون خدمت ۾ حاضر ٿيو. فرمايائونس ڪهڙو ڪتاب اٿئي؟ عرض ڪيائين در مڪنون. فرمايائونس ڪهڙي فن سان واسطو اٿس؟ عرض ڪيائين مثنوي مان چونڊ آهي. پاڻ فرمايائون مثنوي تہ پاڻ ئي چونڊ آهي ۽

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سندس هڪ هڪ بيت دُر مڪنون آهي. مولانا جامي رحمة الله عليه سندس تعريف ۾ فرمايو آهي.

مثنوی و مولوی و معنوی
ہست قرآن در زبان پہلوی

(مولانا روم جي مثنوي جڙ تہ فارسيءَ ٻوليءَ ۾ قرآن هجي. مان سندس ڪهڙي تعريف ڪريان، پيغمبر تہ پڪ نہ آهي، پر ڪتاب وٽس آهي)

من چہ گویم وصف آن عالیجناب
نیست پیغمبر ولے دارد کتاب

نقل 5: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ ڪامل مرشد جي توجہ نانگ جي ڏنگ وانگر آهي، جنهن جو اثر بروقت ڪٽي ظاهر نہ ٿئي پر موت تائين بہ مريد فيض ۽ ان جي اثر کان محروم نہ رهندو جيئن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کان زهر جو اثر بروقت تہ حضرت محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي لب مبارڪ جي برڪت سان ختم ٿيو هو پر وصال وقت ان ڏنگ جو اثر ظاهر ٿيو.

نقل 6: هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هڪ مريد پنهنجي پير کي عرض گذاريو تہ حضرتا! هيتري مدت گذرڻ جي باوجود مون کي ذات پاڪ جو مشاهدو ڪونہ ٿيو آهي؟ پير صاحب فرمايس تہ اڄ رات عشاء نماز پڙهڻ بغير سمهي پؤجانءِ مريد ويچارو نماز جو پابند هو، سو نماز ڇڏڻ توڙي مرشد جي نافرماني ڏک سمجهي، فرض پڙهي، سنتون ڇڏي سمهي پيو رات جو ڪيس حضور سرور ڪائنات جن جي زيارت ٿي پاڻ ڪريمن فرمايائونس تہ پنهنجي پير کي چئو تہ اهڙي خوشطبعي نہ ڪندو ڪر اها حقيقت مرشد سڳوري کي عرض ڪيائين بزرگ ڪيس چيو تہ بابا! سنت ڇڏيئي تہ سنت واري جي زيارت ڪيئي، پر جي فرض کي پنتي ڪرين ها تہ خدا جي زيارت ڪرين ها.

بہ مے سجادہ رنگین کن گرت پیر مغاں گوید
کہ سالک بیخبر نبود زراہ رسم منزلھا

(يعني جي پير ڪامل چوئي تہ شراب ۾ مصلو بہ پسائجانءِ چو تہ سالڪ منزل جي رسم ۽ رواج کان واقف هوندو آهي)

نقل ۷: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ امام مالڪ رحمة الله عليه وٽ، پاڻي ڪڍهن بہ پليت نہ ٿيندو آهي ۽ سندس دليل آهي تہ جيڪا شيءِ پي کي پاڪ ڪري، سا پاڻ پليت ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟
اي عزيز! ظاهري پليتي کي دور ڪندڙ پاڻي، جيڪڏهن پليت نہ ٿو ٿئي تہ پوءِ دلين کي پاڪ

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪندڙ عارف شخص مجازي (دنيا جي) ڪمن جي نجاست سان ڪيئن پليت ٿي سگھندو؟ عارف بحر محيط وانگر وسيط ۽ لطيف آھي جيڪو ڪنھن لغزش سبب ڏورانپي ھيٺ گھٽي دير ڪونہ رھندو آھي، پر جي عتاب ھيٺ آيو تہ انھيءَ طرح جيئن حضرت يوسف ۽ بن يامين جو معاملو ھو جيڪو ٻاھر تہ چور ٺاھيو ويو، مگر گھر ۾ سڳي پاڻ وارو برتاءُ ٿيو

عجب حالت بن يامين بنگر
بہ صحرا دزد درخانہ برادر

(يعني بن يامين جي عجب حالت ڏس! برپٽ ۾ ان کي چور چيو ويو، پر گھر ۾ پاڻ ھو)

نقل 8: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ سڪندر بادشاھ ھڪ قلعي جو گھيرو ڪيو، ڪيترن ڏينھن تائين قلعو فتح نہ ٿي سگھيو. سڪندر جي لشڪر ۾ ڪن ولين قلعي جي حاڪم جي مرڻ جو تصور ڪيو. تصور جي قوت سان حاڪم مريض ٿيو علاج ڪرايو ويو، مگر حڪيم حاذق مرض سمجھڻ کان عاجز رھيا. آخر حاڪم سان واسطو رکندڙ ھڪ ولي سڳوري لدني علم سان ڄاتو تہ اھو سمورو ڪم ولين جي تصور سبب آھي. پوءِ حاڪم جي متوسلين کي حڪم ڪيائين تہ حاڪم کي جنازي وانگي کٽ تي رکي، قلعي جي مٿان اچي روئڻ شروع ڪري ڏيو ۽ مشھور ڪريو تہ حاڪم فوت ٿي ويو آھي ولي الله جي حڪم سان ماڻھن ائين ڪيو ھوڏانھن موت جو تصور ڪندڙ ولين اھو ٻڌو تہ انھن جو تصور ختم ٿي ويو ۽ اھڙي طرح حاڪم ولين جي تصور جي قوت سان موت کي ويجھو ٿيو. پر ھڪ ٻي باڪمال ولي الله جي مدد سان موت کان بچي ويو.

نقل 9: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ دل جي فضيلت اتان سمجھڻ گھرجي، جو جيڪڏھن دل ھٿ ۾ اچي وڃي تہ جيڪي تصور ڪجي، سو ٿئي ٿو ڪنھن بزرگ فرمايو آھي:

دل بدست آور ہرچہ خواھی کن
حق نگھدار کہ کلاھی کن

(دل راضي ڪر، پوءِ جيڪي وٽيئي سو ڪر، حق جي طرف نظر ھجئي پوءِ پلي ڏنگي ٿو پي پيو پاءِ) ھڪ ٻي بزرگ فرمايو آھي:

دل را اگر صاف کنی، ھمچو آئینہ است
(جيڪڏھن دل صاف رکندين تہ اھا آئيني وانگر صاف شفاف رھندي)

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 10: سيد موليڏنو شاھ نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن فرمايو تہ ڪنھن بزرگ پنھنجي ھڪ مريد کي ھر روز ڪائين جي پيري آٽڻ جو حڪم ڏنو. مريد ھر روز ڪائين جي پيري مرشد وٽ پھچائڻ لڳو. رستي ۾ ڪو سنياسي فقير رھندو ھو، تنھن کي ب ھي ب چار ڪائيون جدا آٽي ڏيندو ھو. سال کن گذري وڃڻ تي سنياسي فقير کيس چيو تہ سڳورا ڪر خبر ڪجھ فيضياب ب ٿيو آھين، يا رڳو ڪائيون پيو پھچائين؟ پختي مريد چيو مون کي تہ مرشد جو اھو حڪم آھي، جنھن تي قائم آھيان، بي خبر پاڻ کي ڪاڻ آھي تنھن تي سنياسي کيس پاڻ وٽ ويھاريو ۽ ھن درويش پيري لاھي رکي، سنياسيءَ مٿس نظر ڪئي تہ ھر طرف کان ٻارھن ڪوھن تائين سمورا احوال مٿس ظاھر ٿيا ايتري قدر جو حاملہ عورتن جو حمل ب ڪائونس ڳجھو ڪونہ رھيو. پوءِ جڏھن پيري ڪٽي مرشد وٽ پھتو مرشد معلوم ڪيو تہ ھن کي ڪنھن گمراھ ڪيو آھي؟ پڇڻ تي فرمانبردار مريد شفيق مرشد کي سمورو احوال ٻڌايو. بزرگ مٿس نظر ڪئي تہ سندس ڪشف جي اھا سموري ڪيفيت ختم ڪري رکيائين:

پير ره کبريت احمر آمده است
سينه اوبحر اخضر آمده است

(يعني طريقي جو مرشد ڪيميا وانگر آھي، ۽ سندس سينو بحر اخضر (حياتي بخش) آھي)

پوءِ پير سائين جن فرمايو تہ بزرگ روحاني حڪيم آھن جيڪي طالبن کي ھر بيماريءَ جي دوا ڏيندا آھن:

ھر کہ را نباشد پير، پيراو شيطان بود،
خواجگی بے پير کردن کار نادانان بود

(جنھن جو مرشد ڪونھي، تنھن جو مرشد شيطان آھي! بنا مرشد جي پير ٿيڻ بيوقوفن جو ڪم آھي)

۽ پڻ روايت آھي تہ: "مَنْ لَّا شَيْخَ لَهٗ، فَشَيْخُهُ الشَّيْطَانُ" (جنھن جو مرشد ناھي، ان جو مرشد شيطان آھي)

نقل 11: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو آھي تہ الله تعاليٰ جا ڪي بانھا (خاص) قبر ۾ ب نماز ۾ مشغول ھوندا آھن.

نقل 12: حضرت پير سائين جن فرمايو تہ الله پاڪ جنھن کي ولايت جو مقام عطا ڪندو آھي تہ سندس ست پيڙھيون اڳيان ۽ پٺيان، عزت بخشيون ويندين آھن! بشرطيڪ مسلمان ھجن!

نقل 13: خير محمد فقير نوشاهي مكان جو (جهنگ سيال جي پرسان هڪ ديهه) نقل ڪري ٿو ته هڪ پيري فريد سوڍاٽو (سوڍاٽن جو رهاڪو، جتي حضرت سيد عبدالقادر حسني ، مرشد حضرت ميان صاحب جو روضو شريف آهي) حضرت فريد گنج شڪر رحمۃ اللہ علیہ جي زيارت لاءِ پيادل ويو هو! پوءِ جڏهن زيارت ڪري، حضرت پير دستگير سيد عبدالقادر ثاني جن جي خدمت بابرڪت ۾ زيارت لاءِ حاضر ٿيو ته آمدرفت جي تڪليف بہ احوال ۾ عرض رکيائين! ته حضرت حسني جيلاني ڪيس فرمايو ته اي فريد جيڪڏهن تنهنجو خيال هجي ته پوءِ هتي بہ بهشتي دروازو ٺهرائجي؟ فريد عرض ڪيو قبلا! انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڇا گهرجي؟ پوءِ ته هزارين ماڻهن کان بابا فريد گنج شڪر جي بهشتي دروازي ڏانهن اچڻ وڃڻ جي تڪليف ختم ٿيندي! پوءِ حضرت حسني جيلاني جن جڏهن پنهنجي خانقاه جو قبو تيار ڪرايو ته ان جا بہ دروازا تيار ڪرايائون، هڪڙو بند ڪري ٻيو کليل رکيائون ۽ فرمايائون ته انهيءَ وقت هي بهشتي در ٿيندو، جڏهن هن در وٽان حضرت رسول مقبول صلی اللہ علیہ وسلم جن گذر فرمائيندا! چند ڏينهن کان پوءِ گهٽي انداز ۾ طعام پچرائي غريبن ۽ مسڪينن کي کارايائون ۽ فرمايائون ته الحمد لله هاڻي هي در بهشتي ٿيو آهي! جو حضرت محبوب ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن گذريل رات تشريف فرما ٿيا هئا ۽ هي سندن قدم مبارڪ جو نشان آهي! ۽ اهو قدم مبارڪ جو نشان دروازي جي ڪابي پاسي کان اڄ بہ موجود آهي ۽ ماڻهو زيارت جي سعادت لاءِ حاضر ٿيندا آهن.

خاتمہ کتاب

هن ۾ ٻہ فصل آهن.

فصل پهريون

پير سائين جن جي فضيلت

نقل 1: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو تہ هڪ پيري حضرت پير سائين جن رمضان شريف ۾ اعتڪاف ۾ ويٺل هئا، هڪ رات شينهن اعتڪاف جي جاءِ جي سامهون دريءَ وٽ نياز مندي جي پيشاني جهڪائي ادب سان واپس هليو ويو. صبح جو شينهن جي ويهڻ ۽ پيرن جا نشان سمورن ماڻهن ڏٺا پير سائين جن فرمايو تہ جيڪڏهن شينهن جي اچڻ جي خبر هجي ها تہ دري کليل رکجي ها پوءِ خوش طبعي وچان ڪوريءَ جي ڳالهہ ٻڌايائون تہ، هڪڙو ڪوري مسجد ۾ ڪانن جو پردو ناهي اعتڪاف ۾ ويٺو هو، رات جو گڏهہ اچي ڪانا کائڻ لڳو بيوقوف ڪوريءَ کي گمان ٿيو تہ، جبرئيل وحي کڻي آيو، پر انڌو آهي جو دروازو نٿو ڏسي، تڏهن اٿي دروازو کوليائين اي عزيز! سبحان الله، قاڻيندڙ جانور بہ ولين کي سجاڻين ٿا پر معرفت کان محروم انسان جانورن کان بدتر ۽ ولين جي سجاڻپ کان بي خبر آهن.

نقل 2: جڏهن حضرت پير سائين جن جي فيض جو سج اپرڻ کي ويجهو ٿيو، تڏهن صاحب حال فقيرن جي ڪيفيت هيءَ هئي، جو کين نماز ۾ سستي ٿيندي هئي منهنجي محبت تڏهن ظاهر وارن ۽ دنيا وارن سان هئي خيال آيو تہ فقيرن جي هيتري جماعت ۾ سستيءَ ۽ شريعت جي ابتڙ طريقي جو سبب ڇا آهي؟ انهيءَ سوال جو جواب انهيءَ وقت خودبخود مليو، جڏهن حقيقت جو سج بلندي تي اچي، پنهنجي پوري آب و تاب سان جهان کي روشن ڪرڻ لڳو ۽ پٿرن کي لعل بنائڻ لڳو ۽ فيض هر طالب تي غالب ٿيو تہ هزارين ڪفر وارا اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ تلقين کان مشرف ٿيا.

مون کي يقين ٿيو تہ ڪامل سان پوري نسبت مطلوب آهي، انهيءَ ڪانپوءِ صاحب حال جي قول ۽ فعل ۾ نقص سبب ڪو خاص فرق نہ ٿو پوي.

نقل 3: هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ شير محمد افغان درگاه مبارڪ جو مريد هو

ڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حج تي ويو ۽ هڪ حج ادا ڪري ٻئي حج جي انتظار ۾ اتي ويهي رهيو. حج کان ڏهه ڀارنهن ڏينهن اڳ ۾ هڪ مغربي شخص (لبيا جو) ڪنهن سنڌي فقير کي ڳولهيندي شير محمد افغان سان اچي مليو، ڳالهين مان کيس معلوم ٿيو ته پير پائي آهي اهو چوڻ لڳس ته هل، باقي حياتي هلي پير سائين جن جي قدمن مبارڪ ۾ گذاريون. هن کيس چيو ته حج ادا ڪري هلنداسون. لبيائي چوڻ لڳو ته مرشد جي سنڌ ۾ زيارت به ته حج آهي. پوءِ هڪ ڏينهن ڏڻو ويو ته ذڪر ڪندي ۽ تسبيح پڙهندي وجد اچي ويس ۽ انهيءَ حال ۾ وڃي مالڪ حقيقي سان مليو. ٿوري مدت کانپوءِ جڏهن شير محمد افغان پير سائين جن جي مجلس ۾ حاضر ٿيو ته پاڻ فرمايائون، هي اهوئي شير محمد آهي، جنهن جون ڳالهيون جماعت سان ڪندا هئاسين پوءِ شير محمد کي مغربي شخص جي خبرچار ٻڌائڻ بابت حڪم فرمايائون. تڏهن انهيءَ سموري حقيقت بيان ڪئي.

نقل 4: حضرت پير سائين جن کيترا ڀيرا هن ريت ٿي فرمايو ته هن جاءِ آذان هتي ٿي، آذان ٿي ۽ هن جاءِ آذان ٿي، هن طرف جمعو ٿيو ۽ هن طرف جمعو ٿيو ۽ هن طرف پڻ جمعو ٿيو.

اي عزيز! جمعي مان مراد آهي غوثيت، قطب الارشاد، قطب المدار جو جامع (جمع الجوامع جو مقام) جنهن مان اشارو سندن ذات پاڪ ڏانهن هو آذان مان مراد طلب ۽ فيض جي ڪوٽ آهي هيءُ درجو خاص ۽ اعليٰ آهي ۽ اهي ٽيئي مقام ڪنهن هڪ ذات ۾ شاذ و نادر (تمام گهٽ) ئي گڏ ٿيندا آهن پاڻ ڪريمن جي اجمالي گفتگو جي متين تشريح گمان جي ذريعي نه پر مشاهدي کانپوءِ ڪئي اٿم:

شنيده کے بود مانند ديده!

نقل 5: هڪڙي ڏينهن ٻانهي (جامع ملفوظات) حضرت پير سائين جن جي خدمت مبارڪ ۾ هڪ ڪتاب پيش ڪيو، جنهن ۾ حضرت مخدوم صاحب، شيخ آدم بنوري رحمۃ اللہ علیہ ۽ ٻين بزرگن جو احوال هو، ڪتاب ڏسي فرمايائون خليفا! ڪتاب سجاتو اٿم ٻانهي عرض ڪيو ته حضرتا! ڪاريءَ ۾ هڪ عالم فوت ٿيو، سندس وارثن کان هي نسخو هٿ آيم، پير سائين جن فرمايو ڪتاب، ڪتابن جهڙا. مون عرض ڪيو، مطالعو ڪرڻ فرمايو پاڻ فرمايائون، اسين مس قلم بغير، ڪنهن ڪتاب جو مطالعو نه ڪندا آهيون تنهن تي مس قلم پيش ڪيم،پوءِ پاڻ مطالع ڪندي، ان جون غلطيون به درست ڪندا رهيا سبحان الله! الله تعاليٰ کين غلطين جي اصلاح لاءِ ته پيدا فرمايو هو.

نقل 6: حضرت پير سائين بنگلي ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ حضرت پير سائين تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ کان روايت ڪئي ته، حضرت پير سائين جن جي وصال کانپوءِ مسند تي ويهڻ سان مريدن جي ظاهري ۽ باطني معاملن، حرم پاڪن جي خدمت جي نازڪ ڪمن جي ڳوري بار جي تصور ڏڪائي ڇڏيو خيال ڪيم، ٻيا سمورا ٻائر سمورن بارن کان آزاد ۽ مان ئي فقط بار هيٺ آهيان.

رات جو جڏهن سمورا سمهي پيا، تڏهن مقبري مبارڪ (جنهن تي اڄان روضو مبارڪ نه ٺهيو هو) وٽ مراقبو ڪيم ڏسان ته پير سائين جن مقبري کان ٻاهر آيا آهن تمام طاقتور ۽ قد آور نظر پيا اچن فرمائن ٿا، مون کي ڪلهي تي کڻندين؟ مون عرض گذاريو حاضر آهيان ۽ پنهنجو ڪنڌ ڪٽي جهڪايم پاڻ سوار ٿيا ته تمام هلڪا معلوم ٿيا پاڻ فرمايائون ڳرو ته ڪونہ آهيان مون عرض ڪيو قبلا ڪوبہ بار نہ آهي پوءِ فرمايائون اسين ڏسڻ ۾ برابر وزني آهيون، پر آهيون هلڪا تڏهن توبہ ڪيم ۽ پنهنجي حال ۾ واپس آيس ته اڳئين فڪر جي جاءِ تي اطمينان ۽ دل جمعي هئي.

نقل 7: مريد فقير نظاماڻي نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائون ته نندپڻ ۾ سوالي ماڻهو ڪنهن طرح راضي ڪري مون کان دعا گهرائيندا هئا ته اها دعا قبول پوندي هئي ۽ سواليءَ جو مطلب پورو ٿيندو هو! اتفاق جي ڳالهہ جو پاڙي ۾ هڪ سيد سڳورو سفر تي ويو ۽ واپس نہ آيو، سيد سڳوري جي حرمن اسان کي ريجهائي دعا لاءِ چيو. مون چيو ته ننڍا لولا پچائي ڇت تي ڪانون جي ڪائڻ لاءِ ڇڏي ڪيو ته سيد سڳورو اچي ويندو! بيبي سڳوري ائين ڪيو ته ٽن ڏينهن ۾ سندس مڙس موٽي آيو.

نقل 8: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته، حضرت پير سائين جن فرمايو ته مون کي ڇڄ پيئڻ وارا ڏينهن بہ ياد آهن، نندپڻ ۾ سوالي عورتون، پنهنجي مطلب ۽ مشڪلات لاءِ ڪلهن تي کڻنديون هيون ته سندن مراد پوري ٿيندي هئي! اهڙيءَ طرح ڪرامتون بي اختيار ظاهر ٿيندیون هيون، تان جو وڏا ٿياسون، ان وقت ته انهيءَ طرف توجہ ئي ڪونہ رهيو! ۽ پڻ فرمائيندا هئا ته نندپڻ ۾ اسان جو هڪ سوٽ گم ٿي ويو، جنهن جي ڪابہ خبر نہ ٿي پئي، هڪ ڏينهن چاچيءَ سڳوري چيو ته بابا! پنهنجي سؤٽ لاءِ دعا گهرو ته موٽي اچي. مون ڪين چيو ته ماني ڳڙ ۽ گيهہ ۾ ڪٽي ڪري خدا واسطي ٻارن کي کارايو، ان شاءَ الله سؤٽ موٽي ايندو. سڳوريءَ ائين ڪيو ته الله پاڪ جي حڪم سان سؤٽ صحيح سلامت موٽي آيو! اهڙي طرح هڪ پيري ڏڪر سبب ماڻهو، ان جي ڪٽي لاءِ سڪڻ لڳا، عورتون ڏڪر ٽارڻ واسطي اسان جي حويلي تي دعا گهرائڻ آيون ۽ اسانکي ڪلهن تي ڪٽي گذر سفر جي تنگي ختم ٿيڻ واسطي دعا لاءِ چيائون. اسان عورتن کي جوئر جا ڦلا ڏاهي ڪانون کي ڏيڻ لاءِ چيو. پوءِ الله تعاليٰ جي حڪم سان شهر ۾ اناج جو قافلو آيو، سڀ ڪنهن کي نصيب آهر، ان مليو ۽ رزق جي پريشاني ڪنهن قدر گهٽ ٿي! پير سائين جن اهو بہ اظهار فرمايو ته بن سالن جي عمر ۾ ڇڄ ڇڏڻ وارو مدو بہ ياد اٿم، جو حاويلي ۾ گهمندي ڦرندي ڏڪ لڳو ۽ روئڻ ۾ شروع ٿيس ته مهربان ۽ مشفق والده ڪٽي سيني سان لاتو ۽ ايريو لڳل ببو ڏيڻ لڳي، ايريو جڏهن ته سخت ڪڙو هو، جنهن ڪري مان ويتر وڌيڪ دانهون ڪيون، انهيءَ موقعي تي موجود گهر وارن جي کل بہ ياد اٿم!!!

نقل ۹: معتبر راوي کان نقل آهي ته حضرت پير سائين جن وصال کان پوءِ خواب ۾ نظر آيا، فرمايائون، حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جو ڪمال مظهر زمين تي مختلف وقتن تي ٿي پيرا ظاهر ٿيڻ مقرر آهي. هڪ پيرو غوث الثقلين جي زماني ۾، ٻيو پيرو اسان جي زماني ۾ ۽ ٽيون پيرو امام

مهدي ( ) جي زماني ۾!

نقل 10: ٿٽي جي سفر ۾ ديهه کور ۾ حضرت پير سائين جن وٽ هڪ بلوچ عورت آئي ۽ عرض کيائين ته قبلا! پٽ جي لاءِ سکايل آهيان، دعا گهرو ته سڪ پوري ٿئي ۽ پٽ جي امداد ٿئي. پير سائين جن دعا گهري مگر بي سمجهه عورت دعا تي يقين رکڻ جي بجاءِ عرض کرڻ لڳي ته قبلا! اڳيان ولي سڳورا ته سکايلن کي ترت پٽ ونيو ڏيندا هئا ۽ مون کي به ڪرامت سان پٽ ملي! تنهن تي پاڻ فرمايائون، ماءُ الله تعاليٰ پنهنجي مختلف خزانن جون چاڀيون جدا جدا ولين کي ڏنيون آهن! ڪن کي هڪڙن ڪمن جو اختيار، ته ڪن کي پٽن وغيره جو اختيار ڏنل آهي، اسان جي هٿ ۾ حق جي هدايت ۽ فيض جون چاڀيون رکيون اٿن، جيڪڏهن خدا جي طلب اٿئي ته اڄ توکي ونڊ ڏيون ۽ جي پٽ گهرجئي ته پوءِ انهن کان وڃي گهر جن وٽ اهو اختيار آهي.

نقل 11: حضرت پير سائين جن جو سوٽ سيد ميان محمود شاه نقل ڪري ٿو ته ڪتاب "جمع الجوامع" جي گڏ ڪرڻ وقت پير سائين جن جي عادت مبارڪ هن ريت هئي، جو عشاء نماز کانپوءِ ڏهه بتيون ٻاري، چوندِ گهربل ڪتابن مان سڄي رات گهربل مواد جدا ڪري لکندا هئا سحريءَ جي وقت تهجد ادا ڪري، فجر نماز لاءِ مسجد شريف ۾ ايندا هئا، ڪيترا مهينا پاڻ ڪريمن جو اهو معمول هو.

نقل ۱۲: حضرت پير سائين جن، حضرت ميان صاحب جن کان نقل فرمايو ته هڪ پيري سياري جي موسم ۾ غسل ڪرڻ سبب کين ٽڏ لڳي، ان جي دفع لاءِ گرميءَ جو تصور ڪيائون ته جسم تي پگهر اچڻ لڳو اي عزيز! عارف ڪامل جو وجود هيئين ۽ مٿين عالم جو مظهر آهي، اهو ڪنهن به مظهر جو تصور عمل ۾ آڻي ته اختيار وارو آهي. مولانا جامي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي ته:

آدمی چیست، برزخ جامع
صورت خلق، حق دار او واقع

(انسان برزخ جو جامع نمونو آهي، انسان جي صورت ڇا، پر حق جي تجلي جو به مرڪز آهي)

نقل 13: سيد ميان امان الله شاه ولايتي (راڄو نظاماڻي جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو ته، مان حق جي طلب لاءِ حضرت مولوي فخر الدين رحمۃ اللہ علیہ وٽ دهلي ويس! مولوي صاحب احوال ونيو فرمايو ته توهان جي امانت اسان وٽ نه آهي، بلڪ سنڌ جي هڪ سيد سڳوري وٽ آهي، جيڪو وڏي جماعت ۽ فيض جو مالڪ آهي، انهيءَ کان ئي اوهان کي فيض ملندو (سندن اشارو حضرت پير سائين روزي ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ ڏانهن هو).

نقل 14: حضرت پير صاحب بنگلي ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ حضرت پير صاحب تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ کان نقل ڪيو ته هيڪر حضرت پير سائين جن فرمايو ته حضرت ميان صاحب جن پنهنجي مرشد (سيد عبدالقادر

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ثاني) وٽ سوڍاڻي حاضر ٿيا، ڪائنس مرشد سڳوري پڇيو تہ ميان صاحب! شادي ڪئي اٿو يا نہ؟ ميان صاحب عرض ڪيو حضرتا! هن ڊپ ڪان شادي نہ ڪئي اٿم تہ متان اولاد غير صالح پيدا ٿئي. اهو ٻڌي سندن مرشد فرمايو تہ شاھ صاحب! وڃي شادي ڪر، تنهنجي اولاد مان هڪڙو نينگر وڏو عالم ۽ زماني جو مهدي ٿيندو! ان ڪان پوءِ افضل پوءِ اڪمل، اهڙي طرح ستن پيڑهين[1] تائين اعليٰ ۽ اڪمل هوندا.

نقل 15: هڪ پيري حضرت پير سائين جن لاڙ جي سفر ۾ ٽنڊي بهادر نظاماڻي ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. بهادر فقير زيارت ڪرائڻ لاءِ ڪين پنهنجي حاويلي تي هلڻ لاءِ عرض گذاريو. اتي پير سائين جن بهادر فقير سان صحبت دوران فرمايو تہ اسان جي ڏاڏي وارا ۾ پائر هئا، جن مان هڪڙي حضرت نبي ڪريم ﷺ جي زيارت ڪئي. حضرت ڪريم ﷺ جن ان کي فرمايو تہ توهان مان هڪڙي جي گهران اسان جو مظهر ظاهر ٿيندو پير سائين جن فرمايو تہ حضور اڪرم ﷺ جن جو اهو فرمان بالفعل هن وقت ظاهر ٿيو آهي.

نقل 16: هڪ پيري عبدالله فقير (پڇ جو رهندڙ) پنهنجي ڳوٺ ۾ بيمار ٿيو رمضان شريف جو مهينو هو اهو فقير مسجد ۾ ستو پيو هو تہ حضرت پير سائين جن وٽس طبعيت پڇڻ لاءِ آيا بيماري جو احوال ٻڌائيندي، ان فقير عرض ڪيو تہ قبلا، رات نيم بيهوشي جي حالت ۾ آسمان کان فرشتا هيٺ لهندي ڏسي ڊڄي ويس ملائڪن سڳورن ٻڌايو، اسان تہ فقط قرآن پاڪ جو ختم ٻڌڻ ايندا آهيون جڏهن تہ پير سائين جن ٻہ ختم شريف ٻڌندا هئا.

نقل 17: طيب فقير راهو (ڪنڊڙي جو رهندڙ) نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن خليفي محمد ناهيي، حضرت پير سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو تہ مون هڪ وظيفي جي اسناد بابت ٻڌو تہ جيڪو هي پڙهندو، اهو حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي زيارت جو شرف حاصل ڪندو. جڏهن مون اهو پڙهيو تہ اوهان ڪريمن جي ديدار مبارڪ کان مشرف ٿيس. پوءِ پاڻ سڳورن بيان فرمايو تہ اسان جي مريدن مان ڪنهن ٻي شخص کي ٻہ حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي ديدار پر انوار جو شوق هو، پوءِ اهوبہ انهيءَ ئي وظيفي پڙهڻ ۾ مشغول ٿيو، آخر هڪ ڏينهن ننڊ ۾ ڏٺائين تہ هڪ تنبو نهايت بلند ۽ ڪشادو لڳو پيو آهي، جنهن جي چوگرد قناتون لڳل آهن ۽ قنات جي دروازي تي، چند دربان وينل آهن، تڏهن انهن کي چيائين تہ مون کي حضرت نبي ڪريم ﷺ جي زيارت ڪرايو جڏهن زيارت کان مشرف ٿيو تہ ان جاءِ تي اسان کي وينل ڏٺائين ۽ اهڙي طرح ٽي ڀيرا، تڪرار سان امتحان ڪيائين، پر

---

[1] ست پيڑهيون، هڪ اصطلاح (چوٽي) آهي، جنهن جي معنيٰ پيڑهي، ٻڌ بنياد ۽ نسل آهي! سو ان کي ڪنهن هڪ ڳٽپ تي محدود نہ ٿو ڇئي سگهجي (ف،ق،ع)

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هر پيري اسان کي ڏٺائين، پوءِ ان کي سچو ارادو ۽ ڪامل يقين حاصل ٿيو.

نقل 18: حضرت پير سائين جن فرمايو ته حضور ڪريم ﷺ جن جي متابعت ۽ پيروي، ڪم ڪار ۽ ڳالهائڻ ۾، ڪائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ ۽ عبادت ڪرڻ ۾، جيڪا اسان کان ٿئي ٿي، سا بغير ڪنهن ڪوشش ۽ تڪليف جي آهي ۽ دل جي طرف رجوع ڪرڻ ڪانسواءِ ئي مڙئي عضوا، متابعت ۾ مشغول آهن ۽ دل پنهنجي تنوار ۾ لڳل آهي ۽ دل اوڏانهن (محبوب ڪريم جي عشق ۾) وئي آهي ته واپس موٽي نه ٿي اچي.

نقل 19: حقائق آگاهه خليفو اميد علي نقل ڪري ٿو ته سيد جيئل شاهه پنهنجي مريد ٿيڻ جو واقعو هن طرح ٻڌايو ته هيڪر مان ملتان شريف ويندڙ هڪ جماعت سان گڏ، حضرت مخدوم بهاءَ الدين زڪريا جي زيارت ڪرڻ لاءِ ملتان شريف روانو ٿيس. واٽ تي هڪ ڳوٺ جي پرسان منزل ڪئي سون، اتي هي فقير ڪاڻين آٽڻ جي ارادي سان، ڪهاڙي ڪٽي جهنگل ۾ ويو ڇا ڏسان ته وڻن جي جهٻٽي ۾ ڪا شيءِ ڪاري پيل آهي. ويجهو ويس ۽ ڏٺم ته هڪ شخص بي خبر ستل آهي جنهن جو سڄو جسم واڻ جي ڪري، ڪکن ۽ مٽيءَ سان پورجي ويو آهي ۽ فقط ان جي مٿي جا وار پيا ڏسجن. مون واپس اچي، اها حقيقت سنگت کي ٻڌائي ۽ پوءِ اها حقيقت ڳوٺ وارن سان بيان ڪئي وئي ته انهن هيءَ ڳالهه ظاهر ڪئي ته ڪجهه وقت اڳ، روهڙي شريف وارو پير صاحب، سيد محمد راشد (روضي ڏٺي) هن علائقي ۾ آيو هو، هتان هڪ شخص ان وقت سندن مريدي جي شرف سان مشرف ٿيو هو ۽ محبت جي جذبي ۾ مست ٿي، ڳوٺ ڇڏي هليو ويو هو پوءِ اسان گهٽو ڳوليو پر ڪوڏس پتو ڪونه پيو، متان اهو هجي پوءِ ڏسي سجاتائون ۽ جهنگ مان ڪٽي ٻاهر آندائون. ڏٺو ويو ته صورت کان بي خبر ۽ معنيٰ کان باخبر، هن خوش نصيب جي بدن ۾ پويون پساهه هو ۽ ان وقت وصال ڪيائين! (اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ).

اهو منظر ڏسڻ کانپوءِ، حضرت پير سائين روضي ڏٺي جن جي محبت جو ٻج، منهنجي دل جي ٻنيءَ ۾ انگوريو ۽ دل ۾ چيم ته اهڙو مهدي مرشد سنڌ ۾ ڇڏي، پري پنڌ ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو؟ بروقت رفيقن کان جدا ته ڪونه ٿي سگهيس، پر جڏهن ملتان شريف کان موٽيس ته منهنجي محبت جو انگوريل سلو، وڌي وڻ ٿي چڪو هو پوءِ اتان سڌو مريدي جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ درگاهه شريف تي اچي پهتس، پاڻ ان وقت جماعت کي وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ ۾ مشغول هئا. جماعت جي گهٽائي سبب سندن منهن مبارڪ تائين نظر نه ٿي پهتي، آخر بيقرار، پري ويهڻ تي صبر ڪيم پوءِ جڏهن وعظ کان فارغ ٿي، حاويلي مبارڪ ڏانهن وڃڻ لڳا، آئون قدم بوسي جي خيال سان سندن پٺيان وڃڻ لڳس ته هڪ فقير کي فرمايائون، هنن نشانن ۽ پارن سان هڪ سيد سڳورو مريد ٿيڻ آيو آهي، ان جي پوري دلجوئي ڪجو. ان سخن مبارڪ جي ٻڌڻ سان منهنجي محبت وارو وڻ عقيدتمندي جي ميوي سان ٽٻٽار ٿي ويو پوءِ ٻي ڏينهن ذڪر پيڙ ۽ تلقين ونڻ وقت خدمت اقدس ۾ نهايت نياز مندي سان عرض ڪيم

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاهه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

تہ حضرتا هن عاصي کي اوهان کانسواءِ ٻي کا واهہ ۽ جاءِ پناهہ ڪونہ آهي. پاڻ مرکي فرمايائون تہ يقين ڄاڻ تہ توکي ٻنهي جهانن ۾ ڪونہ وساريندس. پوءِ مرشد 'مهدي' مڪمل جي توجہ سان حالت منهن ڏنو جيئن تہ عشق جي باهہ ۽ محبت جي جذبي کان رات ڏينهن پريشاني ۽ بيقراري ۾ گذرڻ لڳو ۽ ان حال ۾ لڇندو پڇندو، لاهوت جبل ڏانهن ويندي، پڇ جبل ۾ محبت جي باهہ ۾ سڙيل ۽ عشق جي ترار سان ڪنڀ، مائي سسئي جي زيارت لاءِ ويس، پوءِ اها منهنجي اڳيان ظاهر ٿي، مون ان کي چيو تہ اي عشق ۽ چريائي جي باهہ جي سڙيل، پنهنجو معشوق ميان پنهون تہ مون کي ڏيکار. تڏهن جواب ۾ غيرت مان چيائين تہ پنهنجي محبوب جو هڪ وار بہ نہ ٿي ڏيکاري سگهان. آخر هزارين حيلن ۽ عاجزن سان مون کي ميان پنهون جو فقط منهن، پري کان ڏيکاريائين، پر ان کي پنهنجي پاڪ ۾ محفوظ جهليائين.

ان بعد مون کي چيائين تہ مينهن جي موسم ۾ هن علاقي اندر جت اٽ آٽيندا آهن، اٽن جو آواز فراق جا تير بٽجي منهنجي ساهہ کي ڏکوئيندو آهي، ان آزار کان مون کي نجات ڏياريو وڃجو.

مون هلي وڃي انهن جتن کي چيو تہ هن جاءِ کان گهٽو پري وڃي اٽ چاريندا ڪريو، جو اٽن جو آواز هت نہ پڏجي ۽ مون ائين بہ چين تہ جي اوهان هت اٽ چاريندا تہ اوهان ۽ اوهان جي اٽن لاءِ چگو نہ ٿيندو پوءِ انهن جتن بہ اظهار ڪيو تہ اسان جڏهن بہ هن جاءِ تي ايندا آهيون، تڏهن اسان جي مال ۾ بيماري پوندي آهي ۽ هاٿي تنهنجي چوٽ ڪري وري ڪڏهن بہ هت ڪونہ ايندا سون.

نقل 20: خليفي ميان لقمان، پير صاحب بنگلي ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ کان ۽ انهيءَ پير صاحب تجر ڏٽي رحمۃ اللہ علیہ کان روايت ڪئي تہ هڪ پيري حضرت پير سائين روضي ڏٽي جن تي، حاويلي مبارڪ ۾ ذات شريف جي ڪيفيت ظاهر ٿي. پاڻ ٻاهر نڪتا تہ سندن بشريت جي ڪثافت وارو پاڇو گم ٿي ڇڪو هو، پوءِ پاڻ شريعت پاڪ جي احترام سبب، موٽي اچي حاويليءَ ۾ ويهي رهيا. اٽن پهرن گذرڻ کانپوءِ اها حالت ختم ٿي وئي تہ پوءِ پاڻ ٻاهر نڪري آيا.

اي عزيز! خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي جي مناقب ۾ لکيل آهي تہ خواجہ صاحب تي اها حالت پورا چار مهينا رهي هئي ۽ اهو بزرگ ايترو عرصو شريعت جي احترام سبب، حجري ۾ وينو رهيو ۽ ان حالت گذرڻ بعد ٻاهر آيو هو.

اي عزيز! اهو مڙئي پير سائين جن جي سير جي شتابي (جلدائي) جي ڪري هو، جو جيڪا منزل خواجہ قطب الدين، چئن مهينن ۾ طي ڪئي، سا پير سائين جن اٽن پهرن جي مدت ۾ طي فرمايائون. مڙني مقامن جي حاصل ڪرڻ، ڪلي ۽ جزي ڪمالات جي پوري ڪمالیت حاصل ڪرڻ ۾ سندن سرعت سير (سير جي شتابي) جو انداز ان مثال مان لڳائي سگهجي ٿو ۽ اهو حال شايد سندن مقام فنافي الرسول جو آهي.

نقل 21: هڪ وقت حضرت پير سائين جن فرمايو تہ هي ڪنڊي جو ڪاٺ، جيڪو ادب

ڪنڊريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڪارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سيکارڻ ۾ نماز ۾ سستي ڪندڙ کان تنبيهه ڪرڻ لاءِ رکيو اٿئون، تنهن جي اها عزت آهي ته جنهن به ماڻهو ان جي سوراخ ۾ پير وڌو ته ان جي مٿان دوزخ جي باهه حرام آهي. اهو ٻڌي ان وقت خليفي لقمان فقير تبرڪ واسطي پنهنجو پير ان ڪاٺ جي سوراخ ۾ اڇي لنگهايو.

نقل 22: حضرت پير صاحب بنگلي ڏٽي (رحمة الله عليه)، فقير الهه اوپائي ڪٽي کان نقل ڪيو جو هي فقير ته سچو مريد هو مگر ان جي ماءُ طريقي ۾ داخل ٿيڻ کان انڪار ڪندي رهي ۽ چوندي هئي ته مان حضرت غوث الثقلين جي مريدياڻي آهيان هيڪر رات جو خواب ۾ ڏٺائين ته هڪ عظيم الشان مناري تي هڪڙو باهمت شخص وينو آهي ۽ سندس چارئي طرف ماڻهو صفون ٻڌيو بينا آهن، مختلف صفن بابت پڇا ڪرڻ تي مائي سڳوريءَ کي ٻڌايو ويو ته هيءَ رسول ڪريم جن جي امت جي عالمن، حافظن ۽ ولين سڳورن جون صفون آهن ۽ اتي ان کي حضرت غوث الثقلين جي زيارت ۽ نصيب ٿي ۽ مناري تي جيڪو باهمت شخص وينو هو، تنهن جي صورت ڪيس حضرت مرشد مربي حضرت روضي ڏٽي جهڙي نظر آئي ان بابت پڇيائين پئي ته ڪيس جاڳ ٿي ويئي فجر جو اٽندي ئي ڪمزوريءَ ۽ ڪراڙپ باوجود پير سائين جن جي خدمت ۾ مريد ٿيڻ لاءِ حاضر ٿي ۽ مٽس محبت جو بي اختيار غلبو انهيءَ حد تائين هو جو ڳوٺ لکيءَ کان درگاهه شريف، اسان کان اڳي اچي پهتي، پاڻ فرمايائونس ته نيٺ چابڪ لڳڻ سان آئين پوءِ بيعت ۽ تلقين کان مشرف ٿي ۽ جماعت ۾ داخل ٿي.

نقل 23: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو ته حضرت پير سائين جن فجر جي نماز پڙهائي جماعت ڏانهن منهن ڪري وينا هئا ته، حامد فقير مهيسر مجذوب مسجد جي اندر آيو ۽ چوڻ لڳو حضرتا! هتي واعدو ڪري آيو آهين ۽ هتي ماٺ ڪيو وينو آهين، خدا جي خلق کي گمراهي کان نٿو بچائين؟ مجذوب وري وري اهي لفظ دهرايا، مگر پير سائين جن ان کي ڪو جواب ڪونہ ڏنو ۽ مٿو مبارڪ، صبر وچان هيٺ ڪيو وينا هئا. مجذوب چيو مٿو ڇو هيٺ ڪيو اٿي؟ پوءِ پاڻ فرمايائون گهٽن عيبن سبب مجذوب وري چيو ته ماٺ ڇو ڪيو وينو آهين؟ پاڻ فرمايائون هاڻي مون کي گهٽو چيئي؟ وڃ وڃي پڙهو گهمائيندڙ کي چئو. مجذوب چيو پڙهو بہ تون گهمائيندين. پاڻ فرمايائونس پڙهو گهمائڻ اسان جي ذمي نہ آهي مجذوب عرض ڪيو ته مون جيڪو ڏنو سو عرض ڪيم وڌيڪ اوهان جي مرضي ان ڪانپوءِ پاڻ ڪريمن مراقبو ڪيو ۽ پوءِ اشراق پڙهيائون قاضي عبدالرحمان عرض ڪيو قبلا! مجذوب ڇا ٿي چيو؟ پاڻ فرمايائون شايد خليفي الهرڪيي (رحمة الله عليه) جي خواب ڏانهن سندس اشارو هو جو خليفي صاحب حضور نبي ڪريم (صلى الله عليه وسلم) جن جي خواب ۾ زيارت ڪئي ته پاڻ سونهارن (صلى الله عليه وسلم) جن وٽ خلق جي گمراهيءَ ۽ خلق ۾ بي ديني جي پکڙجڻ جي ڳالهه نڪتي پوءِ پاڻ سونهارن هڪڙي شخص کي حڪم فرمايو ته توکي امامت جي پگ ٻڌائي ولايت جو مقام عطا ڪري، خدا جي خلق جي هدايت لاءِ موڪليون ٿا، ليڪن ان ماڻهو بار ڪٽڻ کان معذوري ظاهر ڪندي عرض ڪيو ته قبلا! خدا جي خلق جي

ايڏي وڏي ذميداري کير کٽندو. تڏهن حضور سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو، تنهنجي ذمي فقط خلق کي دعوت حق ڏيڻ آهي جيڪو فرمانبردار ٿيو، تنهن جا ضامن اسين آهيون، پر جنهن فرمانبرداري نہ ڪئي، تنهن جي ضمانت نہ توتي نہ اسان تي. پوءِ انهيءَ شخص کي امامت جي دستار سان نوازيائون، خليفي الهرڪيي کي حڪم ٿيو تہ تون پڙهو گهماءِ تہ جيڪو ماڻهو هن شخص جي دعوت قبول ڪري بيعت ڪندو، اهو هدايت وارو ٿيندو. پهريون خليفي صاحب بہ معذرت ڪئي، پر مجلس مان ٻن ڇڻن اٿي، خليفي کي ٻانهن مان جهلي، ڪرسيءَ تي بيهاريو ۽ امر موجب خليفي پڙهو ڏنو پوءِ خليفو صاحب جڏهن اعلان ڪري ننڍ مان اٿيو تہ ٻہ تي قدم بستري کان پري پيو هو.

نقل 24: قاضي شفيع محمد، ميان قابل شاه کان انهيءَ وڏي حاويليءَ کان نقل ڪيو تہ، حضرت پير سائين جن رات جو ڪنرو ڪٽي وضو لاءِ نڪتا، ٻہ چار قدم ڪٽ ڪانپوءِ ڪنرو ڪري پيو ۽ پاڻ نظر کان غائب ٿي ويا جڏهن نظر آيا تہ مون انهيءَ حالت بابت پڇا ڪئي پاڻ فرمايائون حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي معراج جي برڪت ۾ متابعت ۾ اڇ اسان کي بہ عروج ۽ قرب جي هڪ خاص مقام سان نوازيائون.

نقل 25: هن فقير (جامع ملفوظات) جي ٽنڊي بهادر ۾ بزرگ ميان احمد دمائي (مخدوم محمد زمان لنواري وارن جي مريد) سان ملاقات ٿي تہ پير سائين جي مريدن جو ذڪر نڪتو ۽ فضيلت بيان ڪئي وئي تہ حضرت ميان احمد دمائي، ميان الهه اوپائي (ويڻل ديهه سيد تاج محمد جي) کان روايت ڪئي تہ صوفن ڪوريءَ جي ماءُ (جيڪا پير سائين جن جي مخلص مريدياڻي هئي) هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو تہ ان جي زبان تي سڪرات، غسل، ڪفن ۽ دفن تائين ذڪر جاري هو.

نقل 26: خليفو ميان لقمان نقل ڪري ٿو، تہ حضرت پير سائين جن وٽ وحدت جو بيان نڪتو پاڻ فرمايائون، سالڪ کي انهيءَ جاءِ تي ستڻ (پهچائڻ) سولو آهي، پر اتان سلامتيءَ سان ٽپائي، شريعت ۾ آٽڻ ڏاڍو ڏکيو آهي اڳين بزرگن ۾ شيخ منصور حلاج ۽ مخدوم عبدالرحيم ﷺ وحدت جي مقام ۾ رهجي ويا هئا مگر اسان جي مرشد مهدي زمان پنهنجي مريدن کي وحدت جي مقام کان سلامتي سان پار ڪيو آهي ۽ فرمايائون تہ جڏهن خليفو محمود انهيءَ مقام ۾ ڪي مهينا رهيو تہ اهو اسان کي ڏاڍو فڪر رهندو هو پر اهو بہ خدا جي مهرباني سان شريعت ۾ پهتو.

نقل 27: اميد علي ٽالپر پنهنجي پيءُ غلام علي ٽالپر کان نقل ڪري ٿو تہ مان مير سهراب ٽالپر کان ٻڌي ڪري، پنهنجي ڳوٺ ٽي آيس ۽ حضرت پير سائين جن خيرپور اچي رهيا هئا. سندن سامهون چند هندو گڏهن تي سوار اچي رهيا هئا پير سائين جن جي جيئن جو مٽن نظر پئي، تيئن ڦهه ڪري پٽ تي ڪري بيهوش ٿي ويا پاڻ ڪريمن جماعت کي فرمايو تہ هندن جون سواريون ونڊي قابو ڪريو، جڏهن اهي هوش ۾ اچن تہ گڏهه سندن حوالي ڪريو اهو حڪم ڏيئي پاڻ اڳتي روانا ٿي ويا.

ڪنديه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نقل 28: حاجي جعفر نقل ڪيو تہ واحد ڏني فقير پنهنجي وفات کان ٿي ڏينهن اڳي، مون سان ڳالهه ڪئي تہ، مون کي هڪ حبشي ۽ ٻيو پوري رنگ جو ماڻهو هڪ جماعت ۾ وٺي ويا انهن چيو هن کي فلاڻي جاءِ تي وٺي وڃو اتي ويس تہ حضرت پير سائين جن ۽ کي ٻيا ٿي ماڻهو پرن وارا وينا آهن مون کي ڏسي پاڻ فرمايائون واحد ڏنا! پلي ڪري آئين پر تون اسان وٽ ٽن ڏينهن کان پوءِ جمعي ۽ عيد جي رات ايندين هاڻي وڃ مون کانئن باقي ٽن ماڻهن بابت پڇيو تہ پاڻ فرمايائون، اهي ٽئي رعد، جبرائيل ۽ عزرائيل ( ) اسان جا دوست آهن!

نقل 29: عبدالجليل نقل ڪيو تہ مان جوانيءَ ۾ حضرت پير سائين جن جو مريد ٿيو هوس پر شيطان جي غلبي سبب نماز ۽ ذڪر جي پابندي ڪونہ ڪندو هوس پير سائين جن جي وصال مبارڪ کان ڪي سال پوءِ باد فرنگ جي بيماري سبب ڪمزور ٿي ويس هڪ ڏينهن منجهند جو خواب ۾ ڏسان پيو تہ ٻہ ماڻهو مون کي هاويہ (دوزخ) جي انتهائي ۾ اڇلائڻ لاءِ وٺي ٿا وڃن ۽ اتي مون کي اونڌو لٽڪايو اٿن ايتري ۾ پير سائين جن کين فرمايو تہ هي اسان جو مريد آهي کيس ڇڏي ڏيو تنهن تي هنن مون کي کوهه کان ٻاهر ڪڍي پاڻ پري ٿي ٻينا پوءِ پير سائين جن مون کي فرمايو تہ نماز ۽ ذڪر جي پابندي جي ڪوشش ڪر انهيءَ خواب کي ٿي سال ٿي ويا، پر اڄ تائين نماز يا ذڪر ڪڏهن ٻہ قضا ڪونہ ڪيو اٿم.

نقل 30: خليفو ميان لقمان فقير نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين جن جي وصال تي، حاويليءَ جا صاحب ۽ صاحبزادو ميان محمد صادق شاهه بيهوش ٿي ويا، مجلس وارن کي پڪ ٿي تہ شايد انهن ٻہ رحلت ڪئي آهي. گهڻي دير کانپوءِ جڏهن هوش ۾ آيا، تڏهن ظاهر ڪيائون تہ اسان جو روح پير سائين جن سان گڏ، الله تعاليٰ جي دربار تائين ويو هو حضرت مرشد مربي الله تعاليٰ جي دربار ۾ سجدو ڪيو دربار خداونديءَ کان آواز آيو تہ اسان بي ادب ۽ ناشڪر دنيا وارن وٽ توهان جو وڌيڪ رهائڻ پسند نہ ڪيو ۽ پاڻ وٽ گهرايو پير سائين جن جي روح مبارڪ رب ڪريم جل مجده جو حمد ۽ تعريف ادا ڪندي عرض ڪيو تہ مولا ڪريم ﷺ ٽي عرض قبول پون؟ (۱) پهرين تہ زمين وارن تي، ڏڪر جي تڪليف دور ڪرڻ لاءِ برسات جي عنايت ٿيندي رهي (۲) ٻيو تہ منهنجي مسند تي ويهندڙ اولاد حضور نبي پاڪ صاحب لولاک ﷺ جي سنت جي متابعت سان گڏ فيض وارو هجي (۳) ۽ ٽيون منهنجن ابن ڏاڏن ۽ طالبن جا روح مون سان ملن الله پاڪ ساڻن پنهنجي مهرباني‌ءَ جو واعدو فرمايو.

نقل 31: مخدوم ميان سعدالله روايت ڪئي تہ ملفوظات شاهه جلال جهانيان رحمۃ اللہ علیہ ۾ پڙهيم تہ ولي الله جي هڪ نشاني هيءَ ٻہ آهي تہ سندس پيرن مبارڪن جي تري ۾ خوشبوءَ هوندي مون اها نشاني حضرت مرشد ڪريم جن جي قدمن مبارڪن ۾ ڏسڻ جو خيال ڪيو هڪ پيري پاڻ ڪريم منجهند جو چادر ويڙهيو آرام فرمائي رهيا هئا مون سندن قدمن مبارڪن جي تريءَ مبارڪ ۾ خوشبوءِ سنگهي

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اطمينان حاصل ڪيو. پاڻ ڪريمن مرڪندي فرمائڻ لڳا يار! توکي اسان جي ولايت ۾ شايد شڪ هو...؟

نقل 32: هڪ پختہ (پروسي جهڙي) راوي کان نقل آهي، تہ هڪ پيري حضرت مرشد ڪريم جن هالا ڪنڊي جي طرف سفر تي هئا مخدوم محمد عاقل ﷺ بہ اتي لٿل هو. صبح جو مخدوم صاحب کهڙن لاءِ موڪيو. تہ واڪ تي ڪن عورتن کائونس پڇيو تہ ۱- عقل مرد کي گهٽو يا عورت کي؟ ۲- شهوت عورت کي گهٽي آهي يا مرد کي؟ مخدوم صاحب ٻڌايو تہ عقل مرد کي گهٽو ۽ شهوت عورت کي گهٽي هوندي آهي. تنهن تي عورتن چيو تہ مخدوم صاحب! اهو ڪٿان جو انصاف آهي، جو گهٽ عقل ۽ گهٽي شهوت رکندڙ عورت کي تہ فقط هڪ مڙس ڪرڻ جي اجازت آهي ۽ عقلمند جي گهٽ شهوت رکندڙ مرد کي ڇڻ زالن رکڻ جي اجازت آهي؟

مخدوم صاحب عورتن کي جواب ڏيڻ جي بجاءِ فرمايو تہ پنيان مهدي زمان حضرت پير سائين (محمد راشد روضي وارا) جن تشريف فرمائي رهيا آهن، اهي توهان جي سوال جو جواب اطمينان جوگو ڏيڻ فرمائيندا. جڏهن حضرت مرشد ڪريم جن تشريف وٺي آيا، تہ عورتون ساڳيو سوال دهرايو؟ پاڻ فرمايائون، اوهان جي سوال جا جواب تہ گهٽا آهن، پر توهان کي بہ جواب ڏجن ٿا.

۱- پهريون تہ عورت کي سندس عقل ۽ شهوت موجب گهٽن مڙسن جي (بالفرض) اجازت ملي ها تہ پوءِ نسب جي محفوظ رهڻ جي ڪابہ صورت نہ رهي ها اها خبر نہ پوي ها تہ فلاڻو ٻار ڪنهن جو پٽ ۽ ڪنهن جو پوٽو آهي؟

۲- ٻيو تہ مختلف گهٽن مڙسن جو هڪڙي عورت سان نڪاح، غيرت جي بہ خلاف آهي يا تہ مڙس بي غيرت ٿين ها! پر جي باغيرت رهن ٿا تہ پوءِ ناممڪن هو جو هڪڙي عورت گهٽن مڙسن جي نڪاح ۾ رهي ها! انصاف جي تقاضا ائين آهي، جيئن شريعت پاڪ جو حڪم آهي انهيءَ جواب تي عورتون مطمئن ٿي ويون.

نقل 33: نور محمد پيرزادي پنهنجي چاچي ايوڙي فقير کان نقل ڪيو تہ، حضرت پير سائين جن نندپٽ ۾ مخدوم طيب پنهور ﷺ وٽ بقاپور شهر، تعلقي لاڙڪاڻي ۾ تعليم حاصل ڪندا هئا مخدوم شهاب الدين ﷺ مخدوم طيب جي وڏن خليفن مان هو ۽ مخدوم صاحب وٽ زيارت لاءِ ايندو هو اهو ٽين چوٽين هفتي مخدوم صاحب کان پير سائين جن ۽ سندن وڏي پاءُ ميان عبدالرسول شاهہ جي موڪل وٺي ڪين پنهنجي گهر لاڙڪاڻي دعوت ڪري آڻيندو هو.

هڪ پيري واڪ تي پير سائين جن پنهنجن ٻاهيل مولود جنهن جو مطلع يا ٽلهہ آهي.

ڏي تون سڪاين سڏ، اي مرسل ميان

ڪنديه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

هجون همیشہ گڏ، اي مرسل میان

پڑهيو تہ مخدوم شهاب الدين ايوڙي فقير کي چيو، ڏس تہ الله تعاليٰ جي نور جون لاٽون هن سيد زادي جي پيشانيءَ ۾ ڪيئن چمڪي رهيون آهن ۽ قيامت تائين روشن رهنديون ۽ سندس اولاد هڪ ٻئي کان اشرف ۽ اڪمل هوندو.

نقل 34: دوست محمد فقير دل نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن فرمايو تہ جيڪو نئون ماڻهو مريد ٿيڻ جي ارادي سان اسان جي حضور ۾ اچي ٿو تہ اسان پهريان درگاهہ الاهي مان ان جي بخشش حاصل ڪري، تنهن کان پوءِ ان سلسلہ عاليہ ۾ داخل ڪريون ٿا.

نقل 35: بچو فقير نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن جي امر سان حاويلي مبارڪ ۾ هڪ پٽ جي ڌاهڙ لاءِ موٽيل فقير، خميسو فقير ۽ مون گهٽي ڪوشش ڪئي، پر اسان کان پٽ نہ ڪري سگهي ۽ ٽڪجي پياسون تيتر پير سائين جن آيا ۽ اچي اشهد آگر پٽ جي مٽان رکيائون ۽ فرمايائون تہ هاڻي اسم هو جي اشاري سان پٽ کي ڌاهيو پوءِ امر موجب اسم هُو زبان تي آندو سون تہ هٿ رکڻ شرط پٽ زمين تي ڪري پئي.

نقل 36: فقير جلال خان مري نقل ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن حضرت پير سائين جن سفر تان واپس موٽيا هئا ۽ پراڻي درگاهہ مبارڪ تي ٿي آيا پاڻ جڏهن ان کوهہ تي اچي لٿا، جيڪو هن وقت نئين درگاهہ جي مسجد مبارڪ جي پٺ ۾ آهي، ان جاءِ تي ويجها وينل پنڌ فقير هئا، انهن اچي قدم بوسي حاصل ڪئي، پوءِ پاڻ ڪريمن چوطرف نگاهہ ڪري فرمايائون تہ هيءَ جاءِ واهہ جي آهي جو آرام ڪرڻ ۽ ٽڪڻ جي لائق آهي.

اي عزيز! عجب سچاڻ ۽ سچائي سندن ڪلام معجز نظام جي، جو حضرت پير سائين ۽ حضرت پير صاحب تجر ڏڻي رحمۃ اللہ علیہ جن جي وصال ڪانپوءِ، سن ٻارهن سؤ پنجاهہ (۱۲۵۰ھ) ۾ حضرت پير صاحب بنگلي ڏڻي رحمۃ اللہ علیہ جن پنهنجي سجادگي دوران، درياءَ جي پائيندڙ سبب، هجرت ڪري هن ذڪر ڪيل کوهہ تي اچي درگاهہ آباد ڪيائون ۽ روضو شريف ۽ مزارون ان جاءِ تي ٽيون، جتي سندن سواريءَ جا گهوڙا بينا هئا.

فصل ٻيون

حضرت پير سائين جي وصال جي تاريخ

الله تعاليٰ جي نورجو مخزن الله تعاليٰ جي خلقن جو مظهر الله تعاليٰ جي رازن جي ڪاڻ الله تعاليٰ جي رحمت جو ڪڪر عاجزن جو دستگير گمراهن جو هادي ۽ شفيع ڪفر کي ميٽيندڙ دين جو ڏيئو ولين جي دل جو ڪعبو ساقي ڪوثر حضور انور ﷺ جو محبوب باب مدينة العلم حضرت علي رضي الله عنه جي اکين جو ٺار ملائڪن، جنن ۽ انسانن جو فخر مرشدي و مولائي حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رضي الله عنه ٽيهٺ (٦٣) سالن جي عمر ۾، پهرين شعبان المعظم ١٣٣٤ ھ جمعي جي ڏينهن، هن فاني جهان مان لاڏاٽو ڪري، بقا واري جهان ۾ رونق افروز ٿيا (اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ)

اي دل، ان جي عشق ۾ هج ان جي محبت جو ٻج پنهنجي ساهه جي ٻنيءَ ۾ پوک پاڻ کي ان جي دروازي جي ڪتن مان شمار ڪ ۽ ان جي غيرن کان پري ٻچ ٻچو جو اهوئي وقت جو مهدي آهي وصال جي تاريخ

سال وصلش چو پرسيدم زجان
ساعتی در فکر ماندم بعد زان
گفت در تاريخ آن شافع بمن
نور هادی، مهدی آخر زمن

(يعني جڏهن مرشد هادي جي وصال جي تاريخ لاءِ ٿورو فڪر ڪيم هاتف مون کي ٻڌايو ته ان جي وصال جي تاريخ: نورهادی، مهدی آخر زمن جي لفظن مان نڪرندي)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ

صحبت نامون

جامع

عارف بالله حضرت خليفه محمد حسين مهيسر رحمة الله عليه

مترجم

حضرت علامه مفتي عبدالرحيم سكندري رحمة الله عليه

سكندريه پبليكشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڱارا : طالب دعا: ع ق سكندري

صحبت نامون

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ نَوَّرَ قُلُوْبَ الْعَاشِقِیْنَ بِاَنْوَارِ الْمُحَبَّةِ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ خَیْرِ خَلْقِهٖ وَعَلٰی آلِهٖ وَصَحْبِهِ النُّجَبَاءِ الْکِرَامِ الْبَرَرَةِ اَمَّا بَعْدُ!

نڪتو 1: هڪ ڏينهن ماويٰ و ملجاءِ درماندگان حضرت پير دستگير ادام الله تعاليٰ ارشاده جن جي زبان درافشان مان هن طرح ٻڌڻ ۾ آيو ته مريد کي جڳائي ته جيڪو به نڪتو پنهنجي مرشد جي زبان گوهر افشان مان ٻڌي ته ان کي وحيءَ وانگر ڄاڻي لکي ڇڏي اميد آهي ته انهن برڪت پرين لفظن جي طفيل (اهو مريد) بي بها نعمت ۽ اعليٰ درجي کي پهچندو.

انهيءَ سبب جي ڪري جڏهن هن فقير (خليفه محمد حسين) معرفت جي درياءُ ۾ تبين هٽندڙ ۽ عزت وارن بزرگن ۾ چوندڙ رهبر جو ڪلام، جيڪو ڇٽڪ مئل هڏن کي جياريندڙ هيو، سندن ئي مبارڪ زبان فرحت نشان مان ٻڌو ته ان کي متئين فيض واري فرمودي موجب، هن هنڌ لکي ڇڏيو.

نڪتو 2: هڪ وقت ساداتن سڳورن مان هڪ شخص، حضرت پير دستگير جن جي خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو ته اي حقيقت واري وات جا مالڪ ۽ ولايت جي ملڪ جا والي! هي ڏڪايل ٻانهو اوهان کي پرتل آهي ان جي جواب ۾ (ڪيس) ارشاد فرمايائون ته ڪنهن شخص هڪ وات ويندڙ بزرگ کي دعوت ڪائڻ لاءِ عرض ڪيو، ان بزرگ چيو ته مون سان هڪ گڏهه به ساڻ آهي، متان اوهان جي هٿان ان جي خدمت نه ٿي سگهي ميزبان پاڻ تي سندس لاءِ طعام ۽ ان جي گڏهه کي گاهه داڻو ڏيڻ مقرر ڪيو، ان فقير ميزبان جي چوڻ تي اعتبار ڪري، توڪل واري وات جيڪا انسان لاءِ مضبوط رسي آهي، ان کي ڇڏي ڏنو ۽ حق سبحانه و تعاليٰ ڪانسواءِ غير تي پروسو ڪري ويهي رهيو جڏهن رات ٿي ته الله سبحانه و تعاليٰ ان ميزبان جي دل تان غير تي پروسي ڪرڻ جي غيرت سببان، گڏهه جي خدمت ڪرڻ (واري ڳالهه) وسارائي ڇڏي جيئن حضرت يوسف ساقيءَ کي عزيز مصر اڳيان پنهنجي حال پيش ڪرڻ لاءِ چيو هو ۽ حق سبحانه و تعاليٰ ان ساقيءَ جي دل تان، تمام گهٽو وقت اها ڳالهه وسارائي ڇڏي هئي جيئن اهو قصو مشهور آهي. صبح جو موڪلائڻ وقت اهو بزرگ جڏهن گڏهه تي سوار ٿيو ته گڏهه ساري رات جي سخت اڃ ۽ بک سببان بيحال ٿي ڪِري پيو اهو مثال انهن بي دينن ۽ رسمي پيرن مشائخن جو آهي، جيڪي (نذرانن ۽ تحفن) ونڊ لاءِ محڪم ۽ مستقيم هوندا آهن (مگر) دين جي دڳ کان دور ۽ روڪيل هوندا آهن، جيڪي ماڻهو اهڙن بي دينن کي هديا ۽ خيراتون ڏين ٿا، اهي وري انهن لاءِ دعائون گهري، قيامت جا بار پاڻ تي کڻي، انهن کي آسرا ڏئي چون ٿا ته توهان اطمينان ڪريو جو

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

اسان توهان کي سوال جواب وقت آزاد ڪرائيندا سون سو انهن جو مثال ٻہ ان گڏھ واري شخص جي مثال جھڙو آھي، اھي ٻہ گھٽين ٻڌاڻن جي ڪري قيامت جي ميدان ۾ ڪريا پيا ھوندا، جو (الله سبحانه و تعاليٰ جو فرمان ڇڏي) غير جي چئي تي پروسو ڪري الله تعاليٰ جي ذڪر فڪر کان غافل ۽ سست ٿا ٿين، جيئن رسول خدا ﷺ جن جو فرمان آھي: اَنَا غُيُوْرٌ وَّاللّٰهُ اَغْيَرُ مِنِّيْ [1] يعني آئون غيور آھيان ۽ الله تعاليٰ مون کان وڌيڪ غيرت وارو آھي:

تکيه بر ديوار کردم برسرم افتاد خاک
خاک بادا برسرش کوتکيه برغيری کند

(يعني پٽ تي ٽيڪ ڏنم تہ مٽي تي مٽي ڪري پئي، جيڪو غير تي پروسو ڪري، ان تي شال مٽي پوي)

بر سرديدم جهان راهيچ کس غمخوار نيست
آز مودم هر کسی راجز خدايم يار نيست

(سارو جهان ڏٺم (مگر) ڪوبہ غمخوار ڪونهي، هر هڪ کي آزمايو اٿم الله تعاليٰ کانسواءِ ڪوبہ مددگار ڪونہ آھي).

ان کانپوءِ ان سيد صاحب کي فرمايائون تہ وسواس نہ ڪجو ڇو تہ مون هيءَ نصيحت بموجب، فرموده ڪلام الله: "وَ اَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ" (سورة الشعراء: آيت ۲۱۴) (۽ پنهنجي ويجهن عزيزن کي ڊيڄار) اوھان کي چئي آھي ۽ اوھان وس آھر، ڪوشش ۾ مشغول رھو، ڇو تہ: " وَ اَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى " (سورة النجم: آيت ۳۹) يعني انسان جي وس ۾ صرف ڪوشش ڪرڻ آھي ۽ ٻئي هنڌ الله تعاليٰ جو فرمان آھي تہ "فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ " (سورة الجمعة: آيت ۹) يعني الله جل شانه و تعاليٰ جي ذڪر ڏانهن ڊوڙو (سندس يادگيري لاءِ ڪوشش ڪريو) تنهن ڪري ان جي يادگيريءَ ۾ مشغول ھجو!

نڪتو 3: هڪ ڏينهن پاڻ وعظ ۽ نصيحت فرمائڻ ۾ مشغول هئا گفتگو هلندي فرمايائون تہ: عارفن کي هر قسم جي سمجھ عطا ٿيل آھي جيئن هڪ قصو مشهور آھي تہ هڪڙي بادشاھ پنهنجي ماٽهوءَ کي حضرت بهلول داناءَ رحمۃ اللہ علیہ جي طرف امتحان ونڻ خاطر ٽن سوالن پڇڻ لاءِ موڪليو پهريون تہ درويشي جو حال ڪيئن هوندو آھي؟ ٻيون تہ جڏھن هر شيءِ الله تعاليٰ جي طرفان تقدير ۾ لکيل آھي تہ پوءِ الله تعاليٰ ڪنهن گناھ وغيره جي ڪري ڇو ٿو مواخذو فرمائي؟ ٽيون تہ ابليس عليه اللعنة جڏھن باھ جي پئدائش آھي تہ پوءِ باھ جو عذاب ان کي ڇا ڪندو؟

---

[1] مٿين حديث لفظن جي ٿوري ڦيرڦار سان، حضرت ابوھريره ۽ حضرت مغيره کان مشڪواة شريف جي باب اللعان فصل اول ۾ موجود آھي. (مترجم)

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ان سوال کندڙ شخص کي حضرت بهلول ﷺ هڪ پٿر ڪٽي زور سان وهائي ڪڍيو جنهن سبب ان سوال کندڙ کي ڏاڍو درد ٿيو ۽ اهو بادشاه وٽ دانهن ڪٽي آيو. بادشاه حضرت بهلول ﷺ کي پاڻ وٽ گهرايو. فريادي ۽ جوابدار کي پنهنجي اڳيان ويهاريائين پوءِ ان فريادیءَ پنهنجي دعوا پيش ڪئي ته هن مون کي پٿر هنيو آهي، جنهن ڪري مون کي ڏاڍو سور ٿيو آهي ان کي حضرت بهلول داناءُ جواب ڏنو ته مون ته تنهنجي سوالن جا جواب ڏنا آهن.

فريادي چيو اهو وري ڪيئن؟ تنهن تي حضرت بهلول ﷺ فرمايو ته تو سوال ڪيو هو ته درويشي ڪيئن هوندي آهي؟ آئون توکان سوال ٿو ڪريان ته سور ڪيئن ٿيندو آهي جيڪو توکي پٿر لڳڻ سان ٿيو آهي فريادیءَ چيو ته سور سور آهي جيڪو زبان سان ٻڌائي نٿو سگهجي، ان جو تعلق به حال سان آهي تنهن تي حضرت بهلول داناءَ فرمايو ته جڏهن تون سور کي زبان سان بيان ڪري نٿو سگهين ته آئون وري توکي درويشي، جنهن جو تعلق به حال سان آهي اها ڪيئن زبان سان ٻڌائي سگهندس؟ الحال لا يعبر بالمقال (يعني حال جو بيان قال سان نه ٿي سگهندو آهي) ٻيو تو پڇيو هو ته ابليس لعين باهه جي پيدائش آهي ۽ باهه کي باهه چا کندي؟ ان جو جواب هن طرح ڏنم ته تون به ته متيءَ جي پيدائش آهين جيئن الله سبحانه و تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو آهي:"مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ وَ فِيْهَا نُعِيْدُكُمْ وَ مِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى" (سورة طٰهٰ: آيت ۵۵) يعني توهان کي اسان متيءَ مان خلقيو آهي ۽ ان ۾ توهان کي موٽائينداسون ۽ ان مان ئي اوهان کي ٻيهر اٿارينداسون، پٿر به متيءَ جو آهي ۽ تون به متيءَ جي پيدائش آهين، پوءِ متيءَ کي متي ۾ نقصان ڏنو؟ تو ٿيون سوال ڪيو هو ته تقدير قادر ڪريم جي طرفان آهي، پوءِ ٻين تي ۾ ٿي تهمت رکي وڃي؟ ان جو جواب به هي آهي ته جي واقعي ائين آهي ته پوءِ مون کي عيوض ونڻ لاءِ ۾ پکڙيو ويو آهي؟

نڪتو 4: هڪ ڏينهن پاڻ کو ڪتاب خريد ڪيائون پوءِ فرمايائون ته ڪتاب مهانگا خريد ڪرڻ بهتر آهن ۾ ته دنيا خسيس ۽ لعين، پليد ۽ فاني آهي، اها ڏئي دين متين خريد ڪرڻ گهرجي جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي: "مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ" (سورة النحل: آيت ۹۶) (يعني توهان وٽ جو ڪجهه آهي سو ختم ٿيندو ۽ جيڪي الله تعاليٰ وٽ آهي سو هميشه رهندڙ آهي)

نڪتو 5: هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائون ته جيڪو شخص الله تعاليٰ جي رضامندي خاطر ڪتاب مهانگا خريد ڪندو، ته اهڙي شخص جي اولاد ۾ علم باقي رهندو.

نڪتو 6: هڪ ڏينهن پاڻ وعظ نصيحت فرمائڻ ۾ مشغول هئا. ان دوران ۾ ڪتاب شمائل محمدي مان هڪ قصو بيان فرمايائون ته. حضرت پيغمبر ڪريم جن سان صحابہ ڪرام ڪي بيحد محبت هوندي هئي، احد شريف واري جنگ جي ڏينهن، شيطان لعين مدينہ منوره (زاده الله شرفا و تعظيما) ۾ اچي ڪوڙو اعلان ڪيو ته. حضرت رسول مقبول دار البقا ڏانهن رحلت فرمائي ويا آهن. اهو اعلان

ٻڌي هڪ عورت مدينہ منوره کان ٻاهر (احد شريف ڏانهن) ڏوڙندي ٿي وئي ۽ چوندي ٿي وئي تہ حضرت رسول خدا ﷺ جن کي وڃي ڏسان پوءِ ان عورت کي وات ۾ چار جنازا نظر آيا، جيڪي ماٹھو ڪنيون ٿي آيا ماٹھن ان عورت کي چيو تہ هي پهريون تنهنجي پيءُ جو جنازو آهي ٻيون جنازو تنهنجي ڀاءُ جو آهي، ٽيون جنازو تنهنجي پٽ جو آهي ۽ هي چوٿون جنازو تنهنجي مڙس جو آهي ان عورت انهن جنازن ڏانهن ڏسو ۽ کين ۽ چوڻ لڳي تہ هي سڀ مصيبت مون لاءِ تمام هلڪي آهي، مون کي رسول خدا ﷺ ڏسيو تہ آئون سندن زيارت ڪريان پوءِ ائين چوندي ڏوڙندي ٿي وئي تہ سامهون حضرت پيغمبر ڪريم جن کي (خير سان صحيح سلامت) ايندو ڏٺائين، سندن دامن کان ونڊي چوڻ لڳي يا رسول الله! (ﷺ) هي چارئي _قريبن جي وڇوڙي واريون) مصيبتون، مون تي اوهان کي نہ ڏسڻ واري تڪليف کان هلڪيون آهن اوهان جو فراق مون لاءِ وڏي مصيبت هيو ائين فرمائيندي پير سائين جن جون اکيون مبارڪ پاٹي سان ڀرجي آيون ۽ فرمايائون تہ: صحابہ ڪرام کي رسول الله ﷺ جن سان ڪيتري نہ الفت ۽ ايمان هيو، جو پنهنجي جان اولاد مال ۽ عزيزن قريبن ۽ سيني انسانن کان وڌيڪ پاڻ ڪريمن ﷺ جن سان محبت ڪندا هئا جيئن حديث شريف ۾ آهي: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ نَّفْسِهٖ وَ مَالِهٖ وَ وَلَدِهٖ وَوَالِدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ[1] (حضرت انس بن مالک رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ: اوهان مان تيستائين کوبہ مومن نٿو ٿي سگهي جيستائين آئون کيس سندس جان مال اولاد پيءُ ماءُ ۽ سيني ماٹھن کان وڌيڪ پيارو نہ هجان) پاڻ ائين فرمائي وري فرمايائون تہ اسين ان زماني جي لائق نہ هئاسون، تڏهن تہ رب تعاليٰ اسان کي پري ڪري ڏورانهين ۽ آخري دور ۾ پيدا فرمايو.

نڪتو 7: هڪ ڏينهن پاڻ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي عورت پنهنجي مڙس جي هر ڳالهہ ۾ هميشہ مخالفت ڪندي هئي هڪ ڏينهن کيس مڙس چيو تہ تنهنجي پيءُ ماءُ وٽان ماٹھو آيو آهي، سو صبح جو اوڏانهن هلنداسون، پوءِ ان کي زال چيو صبح نہ، هينئر ئي تيار ٿيءُ تہ هلون. نيٺ ٻئي تيار ٿي درياءَ جي پٽڙ تي پهتا مڙس زال کي چيو تہ تون عورت ذات آهين، تنهن ڪري تون ٻيڙي تي چڙهہ ۽ آئون ڊڪي جو ٻيڙ جهلي ترندو ٿو هلان. عورت مڙس جي مخالفت ڪندي، ٻيڙي تي چڙهڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڊڪي جي ٻيڙ ۾ چنبڙي پئي جڏهن درياء جي وچ سير ۾ پهتا تہ مڙس زال کي چيو تہ ڊڪي جو ٻيڙ مضبوط جهلجانءِ. عورت مڙس جي مخالفت ڪرڻ سبب ڊڪي جو ٻيڙ کٹي ڇڏيو تہ ٻڌي وئي.

اي عزيز! اهڙي طرح جيڪا دل (غير جو ٻيڙ ڇڏي) هميشہ نفس جي مخالفت پئي ڪندي، سا نيٺ حقيقت واري درياءَ ۾ مستغرق ٿيندي جيئن قدسي حديث آهي: دَعْ نَفْسَكَ وَ تَعَالَ (يعني

[1] متين حديث بخاري شريف جلد اول ۾ هن طرح آهي: عَنْ اَنَسٍ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پنهنجي نفس کي ڇڏ (پوءِ) اچ)

نڪتو 8: هڪ دفعي رات جو درگاهه مبارڪ واري مسجد شريف ۾ وينو هوس تہ اوچتو حضرت پير دستگير جن مون وٽ آيا ۽ اچي مون سان صحبت ۾ مشغول ٿيا ان دوران مسجد شريف جي اڳڙ واري پٽ ڏانهن اشارو ڪندي فرمايائون تہ اي ادا صبحاڻي هن پٽر ۽ سون ۾ ڪو فرق نہ ڪجانءِ. (يعني عارف جي نظر ۾ سون ۽ مٽي برابر هجڻ گهرجن) [1]

نڪتو 9: هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجي زبان گوهر افشان سان فرمايائون تہ پنهنجي عملن کي دنياوي غرضن ۽ نفساني خواهشن کان پاڪ ڪريو ائين فرمائي، مثنوي شريف مان هڪ نقل بيان فرمايائون تہ امير المؤمنين حضرت علي جن هڪ ڪافر کي (جنگ دوران) قتل ڪرڻ لاءِ زمين تي دسيو ان وقت ان ڪافر حضرت علي رضي الله عنه جن جي منهن مبارڪ ڏانهن (حسد وچان) ٿڪ اڇلائي تہ پاڻ ان کي ڇڏي ڏنائون ڪنهن شخص عرض ڪيو تہ حضرتا، هن ڪافر کا ڇا لاءِ ڇڏي ڏنو؟ پاڻ فرمايائون تہ: پهريائين هن کي خالص باري تعاليٰ جي رضا واسطي ڪنم ٿي مگر هاڻي ٿورو نفساني غرض بہ هن ۾ شامل ٿي ويو آهي، توڙي جو ڪافر کي ڪهڻ پلو عمل آهي، پر پوءِ بہ هن کي ڇڏي ڏنو اٿم. [2]

نڪتو 10: هڪ پيري پاڻ بيان فرمايائون ٿي تہ جڏهن باري تعاليٰ تي توڪل ڪئي هيم پوءِ پنهنجي حاويلي ۾ وڃي، اهل خانہ صاحبن (سڳورن) کي چيو هيم تہ اسان الله تعاليٰ تي توڪل ڪئي آهي، اوهان بہ ڪريو؟ جيڪڏهن اوهين اهو امر بجا نہ آڻيندا، تہ اسان الله تعاليٰ جو اهو امر بجا آڻينداسون، جيڪو الله تعاليٰ پنهنجي محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم کي قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ: "يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَ اُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا" (سورة الاحزاب: آيت ٢٨) (اي نبي پنهنجي گهر وارين کي چئو، جيڪڏهن توهان دنيا جي حياتي ۽ ان جو سينگار گهرو ٿيون تہ اچو توهان کي گذاري جو سامان ڏيان ۽ سهڻي نموني سان ڇڏي ڏيان) تنهن تي سڀني اهل خانہ، صاحبن (سڳورين) چيو تہ اسان بہ الله تعاليٰ تي توڪل ڪئي، ان ڪانپوءِ آزمائش طور اسان تي ڪجهہ ڏينهن فقر ۽ فاقي جي تلوار وسندي رهي، ۽ تمام گهٽيون تڪليفون آيون ليڪن ان کان بعد باري تعاليٰ ايتري تہ فراخي عطا فرمائي، جو هي هيترا سارا ٻيا ماڻهو بہ بفضل الاهي اسان سان گڏ کائي پي رهيا آهن. [3]

---

[1] ملفوظات شريف ڪبير ۾ هن نڪتي جهڙو هڪ نقل باب ٦ جي فصل-١ ۾ آهي.

[2] هن نڪتي جهڙو هڪ نقل، ذرا تفصيل سان، ملفوظات شريف ڪبير جي باب ٤ فصل ٩ ۾ موجود آهي. ۽ مثنوي شريف جي دفتر اول، جلد ٢ ۾ بہ بيان ٿيل آهي.

[3] هن نڪتي جهڙو هڪ نقل، ملفوظات شريف ڪبير، باب ٦ جي فصل ٣ ۾ تفصيل سان آيل آهي!

سڪندريہ پبليڪشنز ۾ درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نڪتو 11: هڪ پيري سومهٽي جي نماز کان بعد، درگاھ شريف واري مسجد شريف اندر هن فڪر ۾ وينو هوس ۽ دل ۾ پھ وينءِ پچايم تہ وقت نڪو ملي جو ڪٽي پنهنجي اندر جو احوال حضرت مرشد ڪريم جن کي عرض ڪريان ان فڪر ۾ حيران وينو هوس ۽ پاڻ حضرت پير دستگير جن مسجد شريف اندر مراقبي ۾ وينا هئا پاڻ اوچتو مراقبي مان اٿي ڪڙا ٽيا ۽ حويلي مبارڪ ڏانهن وڃڻ لڳا جڏهن فقير جي پرسان اچي لنگهيا تہ منهنجي دل جي حال موافق جواب ڏيندي فرمايائون تہ الله تعاليٰ توهان جي دلين جا حال ڄاڻندڙ آهي (يعني جيڪي بہ اوهان جي دل ۾ آهي، تنهن کي هو ڄاڻي ٿو) ٻئي کي حال ٻڌائڻ جي ضرورت نہ آهي.

نڪتو 12: هڪڙي ڏينهن مسجد شريف جي صحن ۾ وينو هوس حضرت ميان صاحب (پير سائين جن جو والد ماجد حضرت سيد محمد بقا شاھ شهيد نور الله مرقده) جن وعظ ۽ نصيحت فرمائڻ ۾ مشغول هئا اوچتو فرمائڻ لڳا، اي پائرو! ٻڌايو تہ جيڪڏهن هن وقت الله تعاليٰ توهان سيني کي ڪٽي وفات ڏئي، تہ پوءِ اهل عيال ۽ ٻچا ڪنهن جي حوالي ڪندؤ؟ (نيٺ تہ الله تعاليٰ جي ئي حوالي ڪندؤ، تنهن ڪري هي پلو نہ آهي جو) جنهن کي مرڻ بعد اهل عيال حوالي ڪندؤ، ان کي هاڻي ئي هن حياتي ۾ حوالي ڪري ڇڏيو

نڪتو 13: هڪڙي ڏينهن لاڙڪاڻي شهر ۾ حضرت مرشد ڪريم جن جي خدمت اقدس ۾ وينو هيس، حضرت پير دستگير جن مون کان سوال پڇيو تہ مرد کي اگهڙ لِڪڻ ڪيستائين فرض آهي؟ عرض ڪيم تہ دن تائين پوءِ فرمايائون عارف شخص جو دن ڪهڙو آهي؟ عرض ڪيم تہ مون کي خبر نہ آهي، اوهان سمجهايو، تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ عارف جو دن عرش عظيم آهي ۽ عارف لاءِ ضروري آهي تہ هو پاڻ کي عرش عظيم تائين ڏسي، ان کان مٿي جيڪڏهن اگهاڙو آهي تہ پوءِ ناهي. [1]

نڪتو 14: هڪ وقت پاڻ پنهنجي مسجد شريف جي پرسان وضو ٿي ساريائون جڏهن وضو ڪري فارغ ٿيا، تہ پنهنجي سونهاري مبارڪ کي ڦٽي ڏنائون اوچتو منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ حضرت پير دستگير جن رات جو ڦٽي ڏين ٿا (سو، الائي جائز آهي يا نہ؟) تنهن تي منهنجي حال موافق جواب ڏيندي فرمايائون تہ: سرور دو عالم ﷺ جن هيڪر عشاء جي وقت ڦٽي ٿي ڏني تہ اوچتو مؤمنن جي ماءُ حضرت عائشہ صديقہ پڇيو تہ حضرتا! روزانو رات جو ڦٽي ڏيندا آهيو، تنهن ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ رات جو جيڪو شخص سونهاري کي ڦٽي ڏيندو، تنهن تي قرض نہ ٿيندو پوءِ مؤمنن جي ماءُ پڇيو تہ حضرتا! اوهان تي ڪنهن جو قرض آهي ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ هائو اوهان جو ڪابين (مهر) اسان تي قرض آهي. تنهن تي ام المؤمنين عرض ڪيو تہ حضرتا مون

[1] مٿيين نڪتي جهڙا بہ نقل ملفوظات شريف ڪبير باب ع ۸ جي فصل ۴ ۾، ۽ باب ۱۱ جي فصل ۳ ۾ آهن!

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاھ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

پنهنجو كابين اوهان كي بخش كيو پوءِ ٻي رات وري ام المؤمنين ڏانو تہ پاڻ ڦٽي ڏئي رهيا آهن تڏهن حضرت صديقہ عرض كيو تہ حضرتا، جيكي اسان جو قرض هيو اهو تہ بخشيو سون، هاڻي ڇا لاءِ ٿا ڦٽي ڏيو؟ پاڻ فرمايائون تہ جنهن شيءِ مان اهڙو فائدو ٿئي، ان كي آئون ڇا لاءِ ڇڏيان.

نكتو 15: هكڙي ڏينهن حضرت پير دستگير جن سان گڏ رستي سان ويندي كجھ ماڻهو رستي ۾ ملاقي ٿيا جڏهن انهن وٽان لنگهياسون، تہ مون انهن جي اهانت كئي (يعني انهن جي حال تي چٽر كيم) تنهن تي پاڻ فرمايائون ادا محمد حسين! هي ڇا ٿو چوين؟ اسان كي ڏمرائين ٿو اجان تنهنجي نظر چگي مني تي آهي توكي جڳائي ٿو تہ تون سڀ كنهن كي چگوجاڻ، چگو چؤ ۽ چگو ڀانءِ پوءِ ان وقت ئي مون تي راضي ٿيا ۽ كجھ توحيد جون رمزون سمجهايائون.

نكتو 16: هك دفعي حضرت پير دستگير جن سان گڏ ٻيڙي ۾ سوار هيس پنهنجي شاگرد كي چيم تہ منهنجي چادر ڏوئي صاف كري اڇ تنهن تي مون كي مرشد كريم جن فرمايو تہ تون پاڻ ڇو نہ ٿو ڏوئين؟ مون عرض كيو تہ حضرتا، اوهان جي حاضري كان جدا ٿي نٿو سگهان پوءِ ان وقت فرمايائون تہ خادم كي جيكڏهن مخدوم كو كم چوي تہ جائز آهي پر اوهان كي تعليم لاءِ چوان ٿو تہ طاقت ۽ توفيق هوندي پنهنجو كم ٻئي كي چوڻ نہ گهرجي پر جيكڏهن چئجي تہ ٻيو ناهي[1]

نكتو 17: هكڙي ڏينهن رستي سان ويندي، سندس خدمت اقدس ۾ عرض كيم تہ شايد، قيامت ويجهي اچي وئي آهي، جو هر هك شهر ۽ ديهہ جو ٿيون يا چوٿون حصو آباد آهي (يعني آبادي جي كثرت قيامت جي نشاني آهي) پاڻ خوش طبعي ۽ ٻوڪ جي انداز ۾ مون كي فرمايائون تہ ڇا تنهنجي قيامت ويجهي اچي وئي؟

نكتو 18: هك ڀيري رات جو پاڻ هن فقير لاءِ فرمايائون ٿي تہ خليفو (محمد حسين) سڻو آهي ۽ سڻو سمجهيو اٿس، پر آئون كوبہ اهڙو ماڻهو نٿو ڏسان جنهن سان پنهنجي علم ۽ راز جي ڳالهہ بيان كجي.

نكتو 19: هك وقت لاڙكاڻي شهر ۾ حضرت پير دستگير جن جي حضور ۾ وينو هيس، ان وقت پاڻ فرمايائون تہ عارف كي اهڙو عروج هجڻ گهرجي، جو جتي بہ سندس نظر پوي، تہ انهيءَ وقت ۾ پنهنجي قدم كي ان جاءِ تي ركي توڙيجو سندس نظر لكن سالن جي واٽ تي پوي، تہ بہ بنادير پنهنجي قدم كي نظر واري جاءِ تي ركي.

نكتو 20: هك دفعي خليفي محمود صاحب نظاماڻي (رحمۃ اللہ علیہ) جي ڳوٺ (كڙيي) ۾ مهمان هئاسون مڙئي فقير مسجد شريف ۾ وينا هئا ۽ پاڻ مسجد شريف جي ٻرسان پيل كٹ تي آرامي هئا آئون

[1] ملفوظات شريف كبير، باب ۴ فصل ۹ ۾ مٹئين نكتي جهڙو نقل بيان ٿيل آهي!

سكندريه پبليكشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سكندري

سندن سيراندي کان وينو هيس ڪنهن مهل پنهنجي هٿ مبارڪ کي ڏکهو ڪري فرمايائون، ته اي ادا محمد حسين! اڄ پاڻ ڳالهيون ڪونہ ڪيون آهن، ائين فرمائيندي پنهنجو دست مبارڪ منهنجي ٻانهن ۾ وجهي، مون کي پنهنجي ڪٽ تي ڪٽي ويهاريائون پوءِ جيڪي سندن نوڪر، خادم ۽ حاضر مجلس وارا هئا، سي مون تي ڏمريا تنهن تي انهن کي فرمايائون ته اوهين هن تي چوٽا ڏمرجو؟ اوهان پاڻ سڃو ڏينهن لسي ٽا کائو ۽ پين کي پاڻي ٽا ڏيو سڀ مؤمن پائر آهيون اهڙو فرق نہ ڪريو.

نڪتو 21: هڪڙي وقت پاڻ فرمايائون ته: آئون ننڍڙائپ ۾ ڪڏهن ڪڏهن طالب علمن جي صحبت ۾ وڃي ويهندو هيس پوءِ مون کي حضرت ميان صاحب نور الله مرقده جن فرمائيندا هئا ته: بابا اهڙن شخصن جي صحبت ۾ نہ ويهندا ڪريو ڇاڪاڻ ته اهي صرف زباني ڳالهيون ڪندا آهن انهن وٽ رڳو قال آهي، پر حال ڪجهہ بہ نہ اٿن، پوءِ قال بنا حال جي بي نصيبي آهي.

قال راچہ بنی بنگر بسوءِ حال
بر اشهد تو خنده زند اسهد بلال

(قال کي ڇا ڏسندين؟ حال ڏانهن نهار تنهنجي اشهد تي حضرت بلال وارو اسهد کلي ٿو) يعني حضرت بلال رضی الله عنه جيڪو رسول ڪريم ﷺ جو عاشق ۽ صاحب حال هيو، سو ٻاتائيندو هيو ۽ بانگ ۾ اشهد چوڻ جي بجاءِ اسهد چوندو هو سو حال ۽ محبت واري جو اسهد، تو قال واري جي اشهد کان ڪيترا حصا بهتر آهي [1]

نڪتو 22: هڪڙي وقت پاڻ مسجد شريف ۾ وينا هئا مون پنهنجو حال سندن خدمت بابرڪت ۾ عرض ويني ڪيو ۽ درخواست ويني پيش ڪيم ته اتي پاڻ فرمايائون جيڪڏهن هٿن کي باهہ تي رکجي ته نفس سهي سگهندو يا نہ؟ عرض ڪيم ته نہ تڏهن فرمايائون ته اوهان منهنجا هٿ آهيو جيڪڏهن پنهنجي هٿن کي سڙڻ نہ ڏنم، ته ان شاء الله تعاليٰ توهان کي بہ سڙڻ نہ ڏيندس (بمنه و كمال كرمه)

نڪتو 23: هڪ وقت حضرت پير دستگير جن سان گڏ رستي سان ٽي ويس، عرض ڪيم ته يا شيخ! توهان الله تعاليٰ جي خزانن جا ڪنجي بردار آهيو! جيڪڏهن خزاني مان ڪجهہ عطا فرمائيؤ ته ڇا ٿيندو؟ ۽ الله عزوجل جي خزاني ۾ ڪا ڪوٽ بہ ڪانہ ٿيندي، ۽ هڪ ذري جيتري بہ ڪمي ڪانہ ايندي ڪنجي بردارن کي (حاڪم جي طرفان) اختيار بہ گهٽا هوندا آهن جيئن مير نصير خان بروهي پنهنجي نائب ڏانهن ڪنهن کي جاگير جو پروانو لکي ڏئي، پوءِ جيڪڏهن اهو نائب چاهي ته ان پرواني کان

[1] ملفوظات شريف ڪبير، باب ۴ جي فصل ۲ ۾ هن نڪتي جهڙو هڪ نقل بيان ٿيل آهي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

وڌيڪ ڏئي يا ان پرواني کان گهٽ ڪري تہ بہ نائب جو اختيار آهي. ڪنهن کي ڏئي يا نہ ڏئي؟ (۽ اوهين بہ الله تعاليٰ جا پيارا آهيو) تنهن تي فرمايائون تہ انهن جو حاڪم انڊو آهي ۽ اسانجو حاڪم ڄاڻندڙ ۽ ڏسندڙ آهي ۽ انهن جو حاڪم پر پٽ ۽ غائبانہ ڏسڻ کان نابين آهي، ان جا خزانچي جيڪي بہ ڏين ٿا تنهن کي هو ڪونہ ٿو ڏسي، اسان جو حاڪم عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ (سورة الانعام: آيت ٧٣) آهي، اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ (سوره آل عمران: آيت ١١٩) (بيشڪ الله تعاليٰ سينن جا راز ڄاڻندڙ آهي) سو اسان جو حاڪم جنهن کي ڏيارينڊو آهي تہ ان کي ڏيندا آهيون ۽ جنهن کي نٿو ڏياري تہ تنهن کي نٿا ڏيون.

نڪتو 24: هڪ دفعي سندن خدمت ۾ عرض پئي ڪيم ۽ پنهنجو حال وينو ٻڌايم پاڻ فرمايائون اي پاءُ تون مون کي گهٽو ئي پيارو آهين، پر تنهنجي ۽ منهنجي وچ تي هي آيت سگهوري: اِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ (سورة القصص: آيت ٥٦) پردو ٻٽيل آهي (يعني بيشڪ ائين نہ آهي جو تون جنهن کي پنهنجي طرفان گهرين، ان کي هدايت ڪرين، چو تہ هدايت جو ملڪ الله جي هٿ ۾ آهي)

نڪتو 25: هڪ وقت ٻيڙيءَ ۾ سوار هئاسون، پاڻ ننڊ ڪرڻ لاءِ ڪٽ جي بستري تي آرامي ٿيا مون خادم کي چيو تہ ڪاڻيءَ جو ٽڪرو ڪٽي ڏي تہ ڪٽ جي پاڻي هيڻان ڏيان (جيئن ڪٽ سٽيئن سڏي رهي) تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن ڪاڻي جو ٽڪرو ڪٽ جي پاڻي هيڻان نہ ڏيندؤ تہ بہ خير آهي آئون عادي ڪونہ آهيان، جو منهنجي وات مان ڪير وهي پوندو يعني ظاهر ظهور منع نہ فرمايائون ۽ مريدن جي تعليم لاءِ ائين فرمايائون (تہ گهٽو آرام طلب نہ ٿيو)!

نڪتو 26: هڪ پيري ٻيڙيءَ تي سوار هئاسون اوچتو خليفو دين محمد اٿي بينو ۽ ملان موليڏني کي چيائين تہ حضرت مرشد ڪريم جن کي منهنجي طرفان، عرض ڪر، پوءِ ملان موليڏني (جيڪو ڪونري بردار خادم هيو) سندن حضور ۾ عرض پيش ڪيو تہ حضرتا! خليفو دين محمد عرض ٿو ڪري ۽ چوي ٿو تہ آئون قرآن ڪريم جي تعليم تدريس ۾ مشغول آهيان، ڪا نظر عنايت فرمائجو. جواب ڏنائون تہ قرآن ڪريم نور آهي، پر: رُبَّ قَارِىءٍ لِّلْقُرْآنِ وَالْقُرْآنُ يَلْعَنُهُمْ (يعني قرآن مجيد جا ڪي پڙهندڙ اهڙا بہ آهن، جن کي قرآن مجيد لعنت ڪري ٿو) هن زماني جا ماڻهو قرآن مجيد جي تلاوت وقت (گويا) پنهنجي الله تعاليٰ سان هم ڪلامي تہ ٿين ٿا، پر پنهنجي دل کي هن فاني جهان جي ڪمن سان مشغول رکن ٿا سو جنهن ٿانو ۾ پليدي رکيل هوندي، تہ ان ۾ پاڪائي ڪٿان جاءِ ونندي؟ هن فرمودي ۾ پنهنجي دل کي هٿ ۾ آٽڻ ڏانهن اشارو آهي:

دل بدست آور کہ حج اکبر است
صد هزاران کعبہ یک دل بہتر است

(يعني دل جو حضور هٿ ڪر، جو اڪبري حج اهو اٽئي، لڪين ڪعبي کان هڪ سليم دل گهٽو بهتر آهي!) [1]

نڪتو 27: هڪ پيري ترائي (ڪڙئي گهنور جي ويجهو) ڳوٺ ۾ حضرت پير دستگير جن سان گڏ ترسيل هئاسون ڏٺم ته سندن سمهڻ واري ڪٽ تي صرف هڪ فراسي پئي هئي مون هڪڙي خادم کي چيو ته کو ٻيو ڪپڙو (پٽرٽي وغيره) به فراسي تي وڇائڻ لاءِ ڪٽي اڇ تنهن تي پاڻ فرمايائون ته منهنجي عادت آهي ته اڪثر مسجد شريف جي ڪکن تي سمهندو آهيان پوءِ پٽرٽي وڇائڻ نه ڏنائون ۽ انهي فراسي تي آرام فرمايائون.

نڪتو 28: هڪ دفعي مهيسرن جي ڳوٺ ۾ ترسيل هئاسون، جڏهن ننڊ جو وقت ٿيو، مون ڏٺو ته حضرت مرشد ڪريم جن مسجد شريف جي ڪکن تي ليٽي پيا ۽ پوءِ پهرياڻ مبارڪ جيڪو سندن جسم تي هيو، اهو به لاهي ڇڏيائون ۽ خالي ڪکن تي پاسو مبارڪ رکي سمهي پيا.

نڪتو 29: هيڪر ٻيڙي تي سوار هئاسون حضرت پير دستگير وعظ ۽ نصيحت فرمائڻ ۾ مشغول هئا اوچتو ڪتاب بوستان ڪٽي ان مان هڪ حڪايت جون به ٽي ستون پڙهيائون ۽ ايترو ته جوش ۾ آيا جو سندن اکين مبارڪن مان لڙڪ مبارڪ وهي پيا. پاڻ فرمايائون ته: اسان کي ماڻهن تي عجب ٿو اچي، جو پنهنجي ڪوتاهي ۽ سستي سببان هن درگاهه کان محروم ۽ بي نصيب رهجي وڃن ٿا. ائين فرمائي بي پرواه باري تعاليٰ جي ثنا ۽ تعريف لاءِ زبان مبارڪ کوليائون، ان وقت سندن اکين مبارڪن مان موتين جهڙا لڙڪ وهي رهيا هئا ۽ ان حڪايت کي پڙهڻ ڇڏي ڏنائون ٻئي ڏينهن مون کان پڇيائون ته ڪالهه ڪهڙي حڪايت پڙهي رهيا هئاسون؟ مون عرض ڪيو ته فلاڻي درويش واري حڪايت جيڪو (بيت الله شريف جي) دروازي تي اچي سوالي ٿيو هو پوءِ اها حڪايت بوستان مان ڳولي سموري پڙهيائون.

نڪتو 30: هڪ وقت حضرت پير دستگير جن جي حضور ۾ وينو هيس ان وقت فرمايائون ته اي ادا! عاجزي ڪندڙ ٿي جيڪي ڪجهه آهي، سو عاجزي ۾ آهي ان کان بعد حضرت ميان صاحب نور الله مرقده جن جو نقل ٻڌايائون ته هڪ ٻيري مون کي سڏي پنهنجي ويجهو ويهاري پڇيائون ته ابتدا ۾ سرور ڪائنات جن جو حال مبارڪ ڪهڙو هيو، مون عرض ڪيو ته مون کي خبر نه آهي ۽ ڪجهه گهڙي ڪن دير جو ڪيم ته پاڻ مون کي سمجهايائون ته ابتدا ۾ حضور سرور ڪائنات جن جو

---

[1] هن نڪتي جهڙو هڪ نقل، ملفوظات شريف ڪبير، باب ۴ جي فصل ۷ ۾ آهي! دل جو حضور هٿ ڪرڻ مان هي مراد آهي، ته طالب کي ڪپي ته سندس دل ۾ جيڪي به ما سوي الله تعاليٰ جا خطرا ۽ خيال پيدا ٿين، تن کي ختم ڪري هميشه ذڪر ۽ فڪر ۾ متوجهه هجي ۽ الله تعاليٰ جي عشق ۽ محبت کي دل ۾ پيدا ڪري هي يا هو، ٻئي جهان وساري پاڻ کي صرف الله تعاليٰ جي طلب ۾ محو ڪري جو ڪهڙي به ڪم ۾ مشغول هجي پر هن جي دل ياد جي تنوار ۾ لڳل هجي (مترجم).

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

يتيمي حال هو جيڪي ڪجهه آهي سو يتيمي ۾ آهي.

نڪتو 31: هڪ ڏينهن حضرت پير دستگير جن جي ڪچهري ۾ وينو هيس فرمايائون ته اي ادا مان ۽ اسان (پنهنجي هستي) واري دعوا ڪٽي ڇڏي ڏيو ۽ ڪنهن سان به دعوا نه ڪريو پوءِ ان متعلق مثال ڏنائون ته هن طرح ڪريو جو هي ڪپڙو جيڪو منهنجي ڪلهي تي آهي ۽ هي تسبيح جيڪا منهنجي هٿ ۾ آهي، انهن لاءِ جيڪڏهن ڪو شخص مون کي چوي ته اهي شيون منهنجيون آهن ته آئون اهي شيون جلدي ان کي ڏئي ڇڏيندس. توڙيجو اهي شيون منهنجي ملڪيت آهن پر ان ڪري جو جيڪڏهن آئون چوندس ته اهي شيون منهنجيون آهن ۽ هو چوندو ته منهنجيون، ته انهيءَ "مان" ۽ "اسان" منجهان جهيڙو پيدا ٿيندو پوءِ حق سبحانه و تعاليٰ جي طالب کي جڳائي ٿو ته هو، ڪنهن سان به دعوا ٻڌي ڪورٽ ۾ حاضر نه ٿئي.

نڪتو 32: هڪ ڀيري ترائي جي ڳوٺ جي مسجد شريف جي صحن ۾ حضرت مرشد ڪريم جن سان وينو هيس، مون کي فرمايائون ته ادا محمد حسين! اوري آءُ ته ڪا پڄڻ جي صلاح ڪريون. عرض ڪيم ته ڪهڙي طرف پڄون؟ فرمايائون اِلٰى رَبِّ الرَّحِيْمِ (يعني پنهنجي رب رحيم ڏانهن)[1]

نڪتو 33: هڪ ڀيري حضرت پير دستگير جن سان گڏ رستي سان ٽي ويس ته ڪنهن شخص چيو ته اڄ رات عيد جي آهي تنهن تي پاڻ فرمايائون عيد اها نه آهي، اسان لاءِ عيد ان ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن خاتمو بالخير ۽ ايمان سان ٿئي.

نڪتو 34: هيڪر حضرت مرشد ڪريم جن سان ٻيڙي تي سوار هيس تڏهن فرمايائون ته ملاح الهداد چگو ٿيو آهي، پر ايان مڙس نه ٿيو آهي، جو ماکوڙي به نه ماري اٽس يعني ظاهري زينت ٿو ڪري.

نڪتو 35: هڪ ڀيري حضرت پير دستگير جن سان ٻيڙي تي سوار هيس، ان وقت ماٹهن پير سائين جن جي گهوڙن لاءِ ايترو ته گاهه پي آندو، جو هڪڙو ڪتوئي نٿي ته ٻيو پي آندائون ۽ گاهه ٻيڙي ۾ بچيو پيو هو پوءِ حضرت مرشد ڪريم جن پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايو ته اي يارو! ڏسو ته الله جل شانه جڏهن اسان جي گهوڙن کي به جلدي جلدي رزق رسائي ٿو ته پوءِ اسان کي چا ٿيو آهي، جو پنهنجي روزيءِ لاءِ اجائي تڪليف ڪريون ٿا؟

نڪتو 36: هڪ دفعي پاڻ فرمايائون ته مريد چوڻ بدعت آهي "يار" چوڻ بهتر آهي چاڪاڻ ته حضرت پيغمبر ڪريم جن جي زماني پاڪ ۾ "اصحاب" لفظ چوندا هئا جنهن جي معنيٰ "يار" آهي پوءِ فرمايائون ته حضرت ميان صاحب نور الله مرقده جن به پنهنجي مريدن لاءِ فرمائيندا هئا ته فلاڻي هنڌ

[1] هن نڪتي جهڙو نقل ملفوظات شريف ڪبير باب ۴ جي فصل ۷ ۾ به آهي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

منهنجو يار آهي (مريد کين چوندا هئا)[1]

نڪتو 37: هڪ دفعي مون کان پڇيائون تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص جو باغ پاڻي نہ ملڻ جي ڪري، خشڪ ٿي ويو هجي ۽ ويران پيو ٿئي، پوءِ ان حالت ۾ جيڪڏهن ڪو شخص ان باغ کي پاڻي ڏئي آباد ڪري تہ ان باغ جو مالڪ پاڻي ڏيندڙ شخص کان ڪيترو نہ خوش ۽ راضي ٿيندو؟ مون عرض ڪيو تہ ان باغ جو مالڪ تہ ڏاڍو خوش ٿيندو، پر جيڪو بہ ان باغ کي ڏسندو تہ اهو بہ خوش ٿيندو تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ هي جهان بہ اسان جي نظر ۾ باغ جي مثل آهي.

نڪتو 38: هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ ڪنهن شخص پرپٽ يا سندن حضور پر نور ۾ اعتراض طور عرض ڪيو هيو تہ حضرت ميان صاحب جن هر هڪ شخص کي (بيعت ڪري) تلقين فرمائين ٿا عالم هجي خواهہ جاهل، سيد هجي يا غير سيد، ننڍو هجي توڙي وڏو، عورت هجي چاهي مرد. تنهن تي پنهنجي زبان درافشان سان فرمايائون تہ سيئي الله تعاليٰ جا ٻانها آهن هي جيڪو زمانو آهي، سو آزمائڻ ۽ تجربي جو زمانو نہ آهي، جيئن اڳيان بزرگ آزمائي ۽ استخاره ڪرائي پوءِ (بيعت لاءِ) تلقين فرمائيندا هئا، بعد ۾ هي مثال بيان فرمايائون تہ اهو بہ ان شڪاري جي مثل آهي جيڪو پنهنجي دام جي چوڌاري داڻا ڇٽي ڇڏيندو آهي ۽ انهن داڻن ڇڪڻ لاءِ ڪانوَ ڪبوتر گڏجي ايندا آهن، پوءِ جيڪڏهن شڪاري ڪانون کي اڏاريندو تہ ڪبوتر بہ هليا ويندا، تنهن لاءِ هيئن ڪرڻ گهرجي تہ ٻنهي (ڪانون ۽ ڪبوترن) کي ڪجهہ بہ نہ چئجي، جنهن جو نصيب هوندو سو اچي دام ۾ پاڻهئي پوندو.

نڪتو 39: هڪ پيري رستي سان هلندي، برادرم ملان سائين ڏني عجز ۽ نياز سان چيو تہ آئون سيني کان گهٽ آهيان تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ تون سيني کان پلو آهين، جو تون پاڻ کي گهٽ ٿو ڏسين ۽ پائين ان کان بعد هڪ نقل بيان فرمايائون تہ حضرت موسيٰ جي زماني ۾ پنج سو يا ڪجهہ گهٽ وڌ، تمام وڏا پرهيزگار شخص گڏ ڪيا ويا، جن لاءِ چيو ويو تہ هنن مان جيڪو وڌيڪ پرهيزگار هجي، ان کي نمبر وار، هڪ هڪ ڪري چوندِ ڪيڊي اچو، پوءِ سڀ چوندي ڪيڊي باقي پنج شخص وڃي ڇڏيائون. پوءِ انهن پنجن مان بہ وڌيڪ پرهيزگارن کي چوندي ڪيڊ لاءِ چيو ويو تان جو باقي بہ ڇٽا وڃي رهيا جن کي ٻين سيني کان تمام گهٽ سمجهي ڇڏي ڏنائون، تڏهن حضرت موسيٰ فرمايو تہ اهي ٻئي ڇٽا سيني کان پلا آهن چو تہ انهن کي ماڻهن سيني کان گهٽ ڪري ڏنو[2]

نڪتو 40: هڪ پيري پاڻ فرمايائون تہ: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي متابعت کي هٿان نہ ڇڏيو! ۽ سندن سنت اطهر کي، فرض مثل ڄاڻي ان تي پوري اعتماد سان عمل ڪريو!

---

[1] هن نڪتي جهڙو هڪ نقل، ملفوظات شريف ڪبير، باب ۱ جي فصل ۱ ۾ آيل آهي.

[2] ملفوظات شريف ڪبير ۾ هن نڪتي جي مفهوم سان ملندڙ جلندڙ نقل باب ۱۳ جي فصل ٦ ۾ بيان ٿيل آهي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نڪتو 41: هڪ پيري حضرت مرشد ڪريم جن فرمايو ٿي ته جيڪي به سنتون منهنجون ٻڌل ۽ منهنجي نظر ۾ آيل آهن، انهن سيني کي پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جن جي متابعت خاطر پورو ڪيو اٿم پر ايجان ٻڪريون ڪونہ چاريون اٿم هڪ ڏينهن وڃي انهن کي به چاريندس ته جيئن ڪل متابعت حاصل ٿئي. [1]

نڪتو 42: هڪ پيري زبان گوهر افشان سان فرمايائون ته هڪ ڏينهن خليفي ميان الهه رکئي رحمۃ اللہ علیہ، حضرت ميان صاحب نور الله مرقده جن کان سوال ڪيو هو ته حضرتا! هن ڳالهه ۾ ڪهڙي حڪمت آهي جو ماڻهن اڄ بک جي وگهئي مري ٿا وڃن؟ جواب ڏنائون ته انهن جي نظر پاڻي تي آهي پر ساقي تي نہ آهي، جيڪڏهن ماڻهن جي نظر ساقي تي هجي ها ته، ڪين اڄ بک هرگز نقصان نہ ڏئي ها!

نڪتو 43: هڪ دفعي فرمايائون ٿي ته اي يارو! مبتدي (سلوڪ ۾ نئين داخل ٿيندڙ طالب) کي گوشہ نشيني ضروري آهي، جو مڙني شين کان پنهنجو منهن موڙي حق سبحانه و تعاليٰ ڏانهن متوجه ٿئي جيئن سرور عالم ﷺ جن معراج واري رات "مَازَاغَ الْبَصَرُ" جو سرمون اکين مبارڪن ۾ پاتو هئائون يعني مٿي وڃڻ وقت براق کي اهڙيءَ طرح هلايو هئائون جو ڪنهن به غير ڏانهن ڪونہ ٿي واجهايائون تان ته وڃي پنهنجي مطلوب حقيقي وٽ پهتا ان کان بعد جڏهن واپس موٽيا ته بهشت، دوزخ، حورن، قصورن، غلمانن ۽ بين شين جو نظارو فرمائيندا آيا تنهن ڪري عرفان جي واٽ جي طالب لاءِ لازم آهي ته هو (پنهنجي محبوب ۽ مطلوب حقيقي جي رضا خاطر) هڪ ڪهڙي ۽ اڪ ڇنڊ جيترو وقت به پنهنجي دل کي ماسوي الله ڏانهن ڪڏهن به متوجه نہ ڪري.

نڪتو 44: هڪ پيري پاڻ فرمايائون ٿي ته ساري رات سمهي ننڊ نہ ڪندا ڪريو جو رات ۾ (رب ڪريم جي رحمت جا) ڪيئي نظارا ٿيندا آهن، جيڪڏهن ڪو ماڻهو سڄي رات، سمهي ننڊ ڪندو ته حق سبحانه و تعاليٰ جي رحمت جي نظاري کان بي نصيب ٿي ويندو. پوءِ فرمايائون ته اي ادا! جيڪڏهن ننڊ ڪرين ته ويهي ڪر، ان لاءِ جو محبوب حقيقي، حق سبحانه و تعاليٰ ڇاڻندڙ ۽ ڏسندڙ آهي اهو (توکي وينل ڏسي) فرمائيندو ته هي بندو پاسي پر سمهي ننڊ ڪرڻ واري لذت کي منهنجي (رضا) واسطي ڇڏي، ويهي ننڊ ٽو ڪري. ائين چئي فرمايائون ته ڏسو، جيڪڏهن ڪو سوالي ڪنهن جي در تي چند ڏينهن ويهي رهندو آهي ته ان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ملندو آهي. [2]

اي عزيز! حضرت مرشد معظم روضي وارن جن جيڪو هي فرمايو آهي ته جيڪڏهن ڪو سوالي ڪنهن جي در تي ويهي رهندو آهي ته، ان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ملندو آهي سندن اهو

---

[1] هن نڪتي جهڙو هڪ نقل، ملفوظات شريف ڪبير، باب ۲ جي فصل ۱ ۾ آيل آهي.

[2] هن نڪتي جهڙو هڪ نقل ملفوظات شريف ڪبير، باب ۴ جي فصل ۷ ۾ آيل آهي.

فرمودو مبارک حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جي هن قول مبارک جي موافق آهي: قَالَ مَا دُمْتُ فِي الصَّلٰوةِ فَأَنْتَ تَقْرَعُ بَابَ الْمَلِكِ وَ مَنْ يَّقْرَعُ بَابَ الْمَلِكِ يُفْتَحُ لَهٗ" يعني تون جيستائين نماز ۾ آهين تہ گويا بادشاھ جو دروازو ٹو وينو کڙکائين ۽ جيکو بادشاھ جو دروازو کڙکائيندو رهندو تہ نيٺ ان لاءِ دروازو کوليو ويندو. الله تعاليٰ تہ ارحم الراحمين آهي ائين فرمائي سندن اکيون مبارک لڙکن سان پرجي آيون. (مترجم)

نکتو 45: پاڻ هک دفعي (الصوفی لا مذهب له) مقولي جي معني هن طرح بيان فرمايائون تہ صوفي چئني مذهبن (حنفي، شافعي، حنبلي ۽ مالکي) ۾ اختيار وارو آهي تہ هو جنهن کي اختيار ڪري تہ ان لاءِ جائز آهي ان جي پي معنيٰ هي بہ آهي تہ مذهب هلڻ جي جاءِ کي چئبو آهي! جڏهن کو شخص عارف ڪامل ٿي، ڪمال واري درجي کي پهچي ٿو تہ، پوءِ ان کي طرف، قبلي، مڪان زمان، رات، ڏينهن ۽ مذهب جي ضرورت کا نہ آهي.

نکتو 46: هک وقت پاڻ پنهنجي زبان درافشان سان فرمايائون تہ پنهنجي خالق سان ائين هجو، جڙ تہ خلق موجود ئي نہ آهي ۽ خلق سان ائين هجو ۽ ائين زندگي گذاريو جڙ تہ توهين پاڻ نہ آهيو.

نکتو 47: هک پيري فرمايائون ٿي تہ ماڻهو پائين ٿا تہ الله تعاليٰ جي ولين کي خدا جو کو خوف نہ آهي جيئن (ظاهر ۾) اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ (سوره يونس: آيت ٦٢) (پڌو بيشڪ الله تعاليٰ جي ولين (دوستن) تي نہ ڪجھ خوف ۽ نڪو غم آهي) ليڪن انهن کي الله تعاليٰ جو ايترو تہ خوف آهي، جو پي ڪنهن کي بہ ايترو خوف نہ آهي البت انهن کي غير الله جو خوف نہ آهي ڇو تہ عارف ۾ غير جي خوف جو ذرو بہ نٿو ليڪي.

نکتو 48: هک دفعي هک شخص کان کو غير شرعي ڪم ٿي ويو ان شخص پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي حضرت پير دستگير جن جي خدمت اقدس ۾ معافي لاءِ عرض ڪيو تہ حضرتا! مون کي بخش فرمايو ۽ مون تي رنج نہ فرمايو، جو مون کي چار پنج ڏينهن ٿيا آهن تہ، مون ان نہ کاڏو آهي ۽ آئون اوهان جو رضامندو چاهيان ٿو اوهين خدا واسطي مون تي راضي ٿيو. پاڻ ان کي زبان مبارک سان فرمايائون تہ اي ادا! تو منهنجو گناھ نہ ڪيو آهي جو آئون توکي بخش ڪريان، تو تہ ويچارن مسڪينن تي ظلم ڪيو آهي ۽ غير شرعي ڪم ڪيو اٿئي، مان توسان ڪيئن پرچان؟ گناھ يا منهنجو حق جيکو تنهنجي ذمي هو اهو توکي بخشيم، مگر رِضَاءُ الْكُفْرِ كُفْرٌ وَ رِضَاءُ الْمَعْصِيَةِ مَعْصِيَةٌ (ڪفر تي راضي ٿيڻ ڪفر آهي ۽ گناھ تي راضي ٿيڻ گناھ آهي) ان کان پوءِ فرمايائون تہ: ننڍي هوندي دل ۾ خيال ڪندو هيس ۽ فڪر ٿيندو هو تہ ماڻهن جا حق جيکي منهنجي ذمي آهن، اهي ڪهڙا طرح لهندا؟ پوءِ هک جاءِ تي وڃي مناجات ڪيم ۽ دعا گهريم ۽ عرض ڪيم تہ يا اله العالمين،

مخلوق جا جيڪي حق منهنجي ذمي آهن، اهي پنهنجي فضل سان بخش ڪر ۽ معاف فرماءِ ۽ جيڪي منهنجا حق ڪنهن ٻي جي ذمي هئا يا آهن يا ٿيندا تہ مون اهي صرف تنهنجي رضامندي ۽ خوشنودي خاطر بخشي ۽ معاف ڪري ڇڏيا، ۽ آئندہ جيڪو بہ مون کي ڪو ڇيهو پهچائيندو يا ڏکائيندو يا منهنجو حق کائيندو تہ ان کي پڻ تنهنجي رضامندي خاطر بخشيم ۽ معاف ڪيم پوءِ ان شخص کي جنهن آزيون نيزاريون پي ڪيون، فرمايائون تہ اي ادا! جيڪو بہ منهنجو گناهہ ڪيو هيئي، اهو تہ هن کان اڳ توکي بخشي ڇڏيو هيم ۽ هينئر بہ توکي بخشيم ۽ معاف ڪيم مگر جن سان تو جهڳڙو ڪيو آهي (۽ انهن کي رنجايو اٿئي) تن کي وڃي پرچاءِ (راضي ڪر) ڇو تہ تون گناهہ بہ تہ انهن جو ڪيو آهي.

نڪتو 49: هڪ پيري حضرت پير دستگير جن، مرحوم مغفور ميان سراج الدين جي تعزيت لاءِ، اسان جي مسجد شريف ۾ اچي وينا پوءِ ٽيپهري جي وقت حضرت حاتم اصم جو نقل، پنهنجي زبان مبارڪ سان بيان فرمايائون تہ هڪ هنڌ حضرت حاتم اصم وينو هو ۽ هڪ عورت بہ سندن پرسان اچي وينی، اوچتو ان عورت کان واءَ وهي ويو (جنهن ڪري ڏاڍي شرمندي ٿي پئي) پر حضرت حاتم اصم، صرف ان عورت جي پرده پوشي ڪرڻ خاطر، ان کي (سندس سوال جو) جواب نہ ڏنو ۽ پاڻ کي ڇاڻي واڻي ٻوڙو ظاهر ڪيائين. اها عورت تقريبًا ويهہ ايڪيهہ سال کن زنده هئي، تيستائين حضرت حاتم اصم پاڻ کي ٻوڙو سڏايو ان کان پوءِ ان بزرگ تي اصم (ٻوڙو) لقب پئجي ويو اي مومن ڀائرو! عيب پوشي ائين ڪرڻ گهرجي، جيئن متي ذڪر ٿيو. [1]

نڪتو 50: هڪ پيري پاڻ رات جو مومنن کي ارشاد ٿي فرمايائون، ان مهل بہ ٿي دولتمند سادات سڳورا قدم بوسي لاءِ آيا ۽ ڪنهن شخص کي چيائون تہ حضرت پير سائين جن کي اسان جو عرض ڪري واقفيت ڪراءِ. ان شخص سندن خدمت مبارڪ ۾ (انهن دولتمند) ساداتن سڳورن لاءِ عرض ڪيو. پاڻ ان کي صاف جواب ڏنائون، تہ توهان کي الله تعاليٰ جي ڪم ۾، دنياوي ڪم جو رخنو نہ وجهڻ گهرجي. ارشاد فرمائڻ کان بعد جڏهن فارغ ٿيا، تہ انهن ساداتن کي گهرائي ساڻن بغلگير ٿيا ۽ انهن دعا لاءِ عرض ڪيو تہ کين دعا فرمائي رخصت ڪيائون ان بعد فرمايائون تہ دنيادارن کي انتظار ڪرائڻ گهرجي تہ جيئن سندن حق ۾ نيڪي لکجي وڃي بلاشڪ ويهڻ سان اثر بہ ونندا، پر جيڪڏهن انتظار ڪري نہ ويهندا تہ شرمندا ٿي اٿي ويندا ۽ وري نہ ايندا.

نڪتو 51: هڪ دفعي فرمايائون ٿي تہ اي الله تعاليٰ جا طالبؤ الله تعاليٰ جي عشق ۾ وس آهر ڪوشش ڪريو، جو عشق الهٰي مهدي آهي ڏنو ويو آهي تہ کي طالب نفساني غرضن، سڏن ۽ خواهشن مطابق زندگي گذارين ٿا پلي هو ڪيترو بہ چون تہ اسان سڏون ۽ خواهشون ڇڏي ڏنيون آهن پر هو

[1] هن نڪتي جهڙو هڪ نقل ملفوظات شريف ڪبير، باب ۱۳ جي فصل ۵ ۾ آيل آهي.

نفساني خواهشن کي سجاڻن ٿي ڪونہ ٿا مگر نفساني سڏن جو سجاڻيندڙ، هزارن ۾ ڪو هڪڙو هوندو.

نڪتو 52: هڪ پيري فرمايائون ٿي تہ ڪي ماڻهوپنهنجي پاڻ کي ولي پائين ٿا (پر) انهن ۾ ولايت جو ڪوبہ اثر ڪونهي ۽ جيڪو شخص پاڻ کي پرهيزگار پائئي ٿو اهو بہ تقويٰ جو صاحب نہ آهي. جيئن تہ اولياءَ الله کي پاڻ تي نظر نہ هوندي آهي، نڪي ٻين جي عيبن تي.

نڪتو 53: هڪ پيري پاڻ فرمايائون ٿي تہ هڪ بادشاه جي شهر ۾ ڪنهن بزرگ جي وفات کان پوءِ، سندس مسند تي ڪو ٻيو بزرگ مسند نشين ٿيو ان بزرگ جي زيارت ۽ قدم بوسي لاءِ اهو بادشاه ڪڏهن ڪڏهن وٽس ايندو هو، پر اهو درويش بادشاه سان ڪجهہ بہ نہ ڳالهائيندو هو بادشاه ساڻس ڳالهائڻ لاءِ تمام گهڻو مشتاق هوندو هو. ان ولي شخص جا ڪي مائٽ ٻئي هنڌ رهندا هئا، انهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ اسان جو فلاڻو عزيز، هيڏي وڏي مرتبي تي پهچي ويو آهي جو بادشاه بہ ساڻس ڳالهائڻ لاءِ سگهي ٿو، پاڻ کي ان وٽ هلڻ گهرجي تہ جيئن اسان کي بادشاه کان انعام اڪرام ونڻي ڏئي. اها صلاح ڪري اهي شخص ان بزرگ وٽ اچي وينا. جڏهن بادشاه ان پلاري شخص جي ملاقات لاءِ آيو تہ ان بزرگ، بادشاه سان ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ ڪيس فرمايائين تہ هي (منهنجا عزيز) پري کان آيا آهن، سي پنهنجو اڏ منهن ڪارو ڪري آيا آهن ۽ ٻيو اڏ منهن تون ڪارو ڪرين، تڏهن بادشاه چيو تہ جيڪو بہ انهن جو ڪم ڪار هوندو سو ان شاءَ الله ڪندس. ان کان پوءِ بادشاه ان بزرگ کان سوال پڇيو تہ حضرتا! ڪهڙو سبب آهي جو دنيا اندر مرجع خلق (مخلوق جي رجوعات) ٽن شخصن وٽ آهي (يعني خلق ٽن شخصن ڏانهن رجوع ٿيندي آهي) هڪ بادشاه وٽ، ٻيو ولين وٽ ۽ ٽيون عالمن وٽ، مگر وفات کان بعد ۾ ٻن جماعتن (عالمن ۽ بادشاهن) وٽ خلق جي رجوعات بند ٿي ويندي آهي، باقي ولين وٽ وفات کان بعد بہ خلق جي رجوعات رهندي آهي؟ جواب ۾ بزرگ فرمايو تہ اصل مرجع اهي نہ هوندا آهن، بلڪ اسم اعظم هوندو آهي. بادشاهن کي اسم اعظم پيشاني ۾ ٽيندو آهي، جيڪو مرڻ کان پوءِ ان مان سلب ڪيو ويندو آهي. عالمن کي اسم اعظم زبان ۾ ٽيندو آهي، جيڪو ان مان بہ ملڪ الموت سلب ڪري ٿو ونڻي، پر اولياءَ الله کي اسم اعظم دل ۾ هوندو آهي، ملڪ الموت کي طاقت نہ آهي، جو اهو اولياءَ الله جي دل مان ڪڍي سگهي.

هڪ ٻئي بزرگ حضرت مرشد ڪريم جن کان سوال پڇيو تہ سائين ظاهر جي عالمن کي دنيا مان ڇا هٿ آيو آهي؟ فرمايائون تہ انهن جي نظر صرف کل تي پئي آهي ۽ ڪين صرف شريعت پاڪ جي (ظاهري متابعت واري) کل، حقيقت جي (اصلي اخلاص واري) مغز کان خالي هٿ آئي آهي.

نڪتو 54: هڪ وقت فرمايائون ٿي تہ ڪنهن بزرگ الله تعاليٰ جو خواب ۾ مشاهدو ڪيو ۽ درگاه معليٰ ۾ عرض ڪيائين تہ يا الاهي! تنهنجي بارگاه ڪبريائي جي لائق، سڀ کان وڌيڪ مناسب ۽ بهترين تحفو ڪهڙو آهي؟ جواب ۾ ٻڌائين تہ اسان جي بي پرواهي واري دربار ۾ سڀ ڪجهہ موجود آهي مگر عاجزي نهٺائي ۽ بي وسي نہ آهي ان کان وڌيڪ بهتر تحفو اسان جي درگاه معليٰ ۾

ٻيو ڪجھ بہ نہ آھي پوءِ طالب کي جڳائي تہ هميشہ عاجزي انڪساري ۽ بي وسي کي پنھنجي عادت بنائي، (جو اھا الله تعاليٰ جي درگاھ ۾ وڏيڪ پسند آھي)

نڪتو 55: ھڪ دفعي فرمايائون تہ ڪامل انسان "عالم امر" ۽ "عالم خلق" جو جامع آھي ڪامل انسان جو دُن عرش عظيم آھي ان کان مٿي پنج لطيفا آھن، جن کي گڏي عالم امر چئبو آھي ۽ ان (منزل) ۾ پھچڻ وارا ھيئن چون ٿا:

من خدايم من خدايم من خدا
فارغم از کبر کينہ واز ھوا

(انھن لفظن چوڻ وارا) ان وقت مطلق حق ھوندا آھن ۽ دن کان ھيٺ "عالم خلق" جو آھي ان ۾ چار عناصر (مٽي، پاڻي، باھ ۽ ھوا) ۽ پنجون نفس شامل آھي اتي نفس مان مراد، اھا موھوم ھستي (خيالي وجود) آھي جو ان (منزل) ۾ ذوق ۽ شوق جي ڪري، پاڻ تي عبديت کي لازم ڪيو اٿس نماز جي وقت اھي ڪامل مرد جيڪي "طالب المولیٰ مذڪر" جي مصداق ھوندا آھن سي پنھنجا ھٿ دن جي ھينان رکي پاڻ کي عالم خلق (عبدين) ۾ ڇاڻي واڻي بندگي ۽ عبوديت ۾ مشغول ڪن ٿا ۽ ڪابہ گھڙي بندگي کي نہ ڇڏيندا آھن جيئن ھي بيت آھي:

منم آن بندهء مرد تامی
کند باخواجگی کار غلامی

(آئون ان ڪامل مرد جو غلام آھيان، جيڪو سرداري ھوندي بہ غلاميءَ جو ڪم ڪري ٿو!)

مگر دن جي مٿان، جو عالم امر آھي، اتي ٻانھو نہ آھي، بلڪ حق آھي زالون جيڪي "طالب العقبیٰ مؤنث" جي مصداق آھن، سي پنھنجا ھٿ سيني تي ٻڌن ٿيون ۽ پنھنجي حقيقت کي نہ سڃاتو اٿن ۽ عالم امر جي ڪين ڪابہ ڄاڻ نہ آھي، سڀ جو سڀ مٿي کان پيرن تائين عالم خلق جو آھن: [1]

نڪتو 56: ھڪ ڏينھن پاڻ فرمائي رھيا ھئا، تہ مرد لاءِ تي ڪپڑا ڪفن جا آھن، جن مان مراد، ڪلمو شھادت، نماز ۽ روزو آھي ۽ زالن لاءِ پنج ڪپڑا ڪفن جا آھن جن مان مراد شھادت جو ڪلمو، نماز، روزو، حج ۽ زڪوات فرض آھي، الله تعاليٰ جي مردن (ٻانھن جي نماز محض الله تعاليٰ جي، ذاتي قرب ۽ حق تعاليٰ جي مشاھدي جي محبت ۽ شوق لاءِ ھوندي آھي جيڪو ڪين ھن ئي جھان ۾ ھٿو ھٿ حاصل ٿيندو آھي ۽ ٻيا نيڪ شخص، بھشت، حورن قصورن جي حصول ۽ دوزخ جي عذاب کان بچاءَ لاءِ نماز پڙھندا آھن، ڇاڪاڻ تہ سندن نماز ۾، محبت الھٰي ۽ ديدار حقيقي جو ڪوبہ حصو نہ ھوندو آھي نقد

[1] ھن نڪتي جھڙو نقل، ملفوظات شريف ڪبير ۾ باب ۱۱ جي فصل ۳ ۾ آيل آھي.

(روڪڙ) کي ڇڏي، اوڏر جي آسري تي مزوري ڪندا آهن دنيا جا طالب جيڪي "مخنث" (کدڑا) آهن، سي حق تعاليٰ جي ديدار ۽ بهشت، حورن قصورن کان بي نصيب آهن، اهي جيڪي به ڪن ٿا، سو دنيا جي حاصل ڪرڻ لاءِ، باقي بهشت جي اميد ۽ دوزخ جي خوف کان گهٽ ڪن ٿا. [1]

نڪتو 57: هڪڙي وقت حضرت پير دستگير جن فرمايو ته حضرت آدم کان جو معصيت ۽ نافرماني صادر ٿي هئي، مگر ان هوندي به هو معصوم آهي ڇاڪاڻ ته اها نافرماني به حق سبحانه و تعاليٰ جي قرب جي ڪري ٿي هئي جيئن جو ٻڌو هئائين ته هن وڻ کي جيڪڏهن کائيندين ، ته بهشت ۾ هميشہ رهندين، جو ان وڻ کي "شجرة الخلد" چون ٿا اها ڳالهه ابليس لعنتي چئي هئي ۽ اهو به ٻڌو هئائين ته جيڪڏهن ان وڻ مان نہ کائيندين ته بهشت مان ٻاهر ايندين، اهو ٻڌي ڪٽڪ جو داڙو کاڏو هئائين، جنهن ڪري کانئونس قصور صادر ٿي پيو ليڪن حضرت آدم کي نفساني ارادو هرگز ڪونہ هو جيئن قرآن مجيد ۾ آهي: وَ لَمۡ نَجِدۡ لَهٗ عَزۡمًا (سوره طٰهٰ: آيت۱۱۵) يعني ان ۾ اسان سندس (حضرت آدم) جو ارادو نہ ڏٺو) داڙي کائڻ جو سبب (سندس خيال موجب) صرف اهو هو ته متان نہ کائڻ جي ڪري، حق سبحانه و تعاليٰ جي قرب کان پري ٿي وڃان ابليس لعين به سجدو ڪونہ ڪيو هو، جنهن سبب جي ڪري بي فرمان ٿي پيو، جو حق تعاليٰ جو امر بجاءِ نہ آندائين ۽ سندس اها نافرماني تڪبر جي ڪري هئي جو چيو هئائين ته: اَنَاخَيۡرٌ مِّنۡهُ (سورة الاعراف: آيت ۱۲) يعني آئون آدم کان پلو آهيان) ان سبب جي ڪري لعنتي ٿي تڙجي ويو حضرت آدم ترڪ نهي جو ڪيو هو ۽ ابليس لعين ترڪ امر جو ڪيو انهن ٻنهي ۾ فرق آهي جڏهن ته حضرت آدم جي معصيت حق تعاليٰ جي محبت ۽ قرب سبب هئي ۽ نفساني ارادو ڪونہ ڪيو هئائين تنهن ڪري ان هوندي به معصوم آهي پر ابليس لعين امر جو ترڪ وڌائي جي ڪري ڪيو هو، جو چيو هئائين ته: خَلَقۡتَنِىۡ مِنۡ نَّارٍ وَّ خَلَقۡتَهٗ مِنۡ طِيۡنٍ (سورة الاعراف: آيت ۱۲) (تون مون کي باهه مان پيدا ڪيو ۽ ان (آدم) کي مٽيءَ مان بنايو) ان سبب جي ڪري حق تعاليٰ جي بارگاهه مان تڙجي ويو، اهڙي طرح انبياء ۽ اولياءِ ڪرام کان به لغزش ٿا ڪرائين ته جيئن مغفرت واري خزاني مان فائدو وٺن ڇاڪاڻ ته مغفرت لاءِ گناهه جو هجڻ لازم آهي جيڪڏهن گناهه ظاهر نہ ٿيندا ته مغفرت (بخشش) جا دروازا به بند هوندا ۽ بخشش جو خزانو به تو گنهگارن کي ئي عطا ڪيو ويندو.

نڪتو 58: هڪ پيري حضرت پير دستگير جن فرمائي رهيا هئا ته ڪامل اولياءَ الله، حق سبحانه و تعاليٰ جي صفتن سان سينگاريل هوندا آهن ڪڏهن ڪٽي انهن کان ڪو گناهه ٿي به پوندو آهي ته پوءِ ان گناهه کان موڪڙ جي ڪري، انهن تي بارگاهه الاهي مان بي انداز انعام ۽ رحمت نازل ٿيندي آهي جيئن

[1] هن نڪتي جهڙو، هڪ نقل ملفوظات شريف ڪبير، باب ۸ جي فصل ۴ ۾ آيل آهي

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

حضرت يوسف پنهنجو سونو ٽويو (ان ماپڻ جو ٽانو) بن يامين جي ان واري پوري ۾ رکائي، وري ان جي ڳولا ڪرائي، بن يامين جي ئي پوري مان ڪڍرايو هئائين سو بن يامين ماڻهن جي نظر ۾ ته چور ٽي پيو. پر حضرت يوسف وٽ پاڻ هو! اهو ٽانو کي لکائي. ان تي چوري جي تهمت لڳائڻ. ڪو دشمني جي ڪري نه هو پر بن يامين سان محبت ۽ قرب جي ڪري (پاڻ وٽ رهائڻ جو حيلو) هو.

بن يامين راعجب حالت بنگر

در صحرا دزد ودر خانه برادر

(بن يامين جي عجب جهڙي حالت ڏس. جيڪو رڙ ۾ چور ته وري گهر ۾ پاڻ هو) الله تعاليٰ جي ولين کان به جيڪا لغزش ۽ قصور ڪرايو ٿو وڃي، ان جو مثال به ان جهڙو آهي جنهن جي راز جي سمجهه ۽ خبر ڏورن جهڙن عام ماڻهن کي نه آهي.

نڪتو 59: هڪ پيري حضرت پير دستگير جن فرمائي رهيا هئا ته الله تعاليٰ جي ولين جو عارضي وجود به ايار جي گودڙي مثل آهي جنهن ان گودڙي کي پنهنجي اڳوٽي عاجزي واري حالت ڏيکارڻ لاءِ پاڻ وٽ سنيالي رکيو هو عارفن به بشريت واري گودڙي اهڙي طرح پاڻ تي ڏکي آهي جيئن چوٽي آهي:

جز عجز و بيچارگی نقد ندارد خواجگی

(يعني سرداري لاءِ عاجزي ۽ بي وسي کان سواءِ، بي کا روڪڙ نه آهي)

نڪتو 60: هڪ ڏينهن حضرت پير دستگير جن فرمايو ته: عارف شخص جو وجود گلاب جي گل مثل آهي جنهن جي فيض جي سرهاڻ هر خاص ۽ عام جي دماغ کي (سندس دلي ارادت مطابق) پهچندي آهي عارفن جو ڪلام وري عرق گلاب جي مثل آهي، جو انهن جي وصال کان پوءِ هر هڪ شخص پنهنجي پنهنجي قابليت ۽ اهليت مطابق انهن جي فيض جي خوشبوءِ سان، پنهنجي دماغ ۽ روح کي معطر ڪندو رهندو آهي[1]

نڪتو 61: هڪ پيري حضرت پير دستگير جن پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايائون ته: دنيادارن سان دوستي گهٽ ڪريو ائين فرمائي، حضرت ميان صاحب نور الله مرقده جن کان نقل بيان فرمايائون ته حضرت والد معظم جن اسان کي ڪيترا پيرا وصيت فرمائي هئي ته، بابا دنيا دارن جي اعتقاد تي پروسو نه رکجو. توڙي جو هو پنهنجو پٽ ڪهي اوهان جي مهماني ڪن، ته به ڇاڻجو ته اهو سندن پٽ

[1] هن نڪتي جهڙو، هڪ نقل ملفوظات شريف ڪبير باب ۴ جي فصل ۷ ۾ بيان ٿيل آهي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جو ڪهڻ ۾ ذاتي مطلب ڪان خالي نه هوندو! (يعني اهي اوهان سان پوءِ ۾ مخلص نه هوندا)[1]

نڪتو 62: هڪ پيري فرمايائون ٿي ته دنياوي دوستيءَ جو مثال هن طرح آهي، جيئن ڪنهن بادشاهه جا ۾ غلام هئا جن مان هڪ بادشاهه تي عاشق هو ۽ پيو ڪنهن ڌاري عورت تي عاشق هو. بادشاهه ٻنهي کي ڪنهن ڪم سان ٻاهر موڪليو جيڪو غلام بادشاهه تي عاشق هو، تنهن رات ڏينهن ڪري ان ڪم لاءِ ڪوشش ڪئي ته جيئن هي ڪم جلدي ڪري وڃي بادشاهه سان ملان ۽ هو پيو غلام جيڪو پرائي عورت تي عاشق هو، سو بادشاهه جي ڪم کي ڇڏي وڃي ان عورت سان وينو (۽ ائين ڪافي عرصو گذاري ڇڏيائين) ان کان بعد بادشاهه ان ٻنهي غلامن کي ماڻهو موڪلي پاڻ وٽ گهرايو (پاڻ وڏيڪ فرمايائون ته) جيڪو غلام بادشاهه تي عاشق هو، ان کي ۾ خوشيون مليون، جيئن حديث شريف ۾ آهي: لِلصَّائِمِ فَرِحَتَانِ، يعني روزائت کي ۾ خوشيون ٿيندين (هڪ روزي کولڻ وقت، ٻي الله تعاليٰ جي ديدار وقت) اهڙي طرح ان غلام کي ۾ ۾ خوشيون ٿيون هڪ ته بادشاهه سان ملاقي ٿيو ٻيو ته بادشاهه جي ڏسيل ڪم کي پوري ڪرڻ سببان بادشاهه جو وڏيڪ قرب حاصل ڪيائين (تنهن لاءِ هو ڪلندو خوش ٿيندو ۽ ڊوڙندو آيو) پر ٻي غلام کي خَسِرَ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةَ (سورة الحج: آيت ۱۱) (يعني دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان) جي مصداق ۾ غم ٿيا هڪ ته ڪيس ان معشوقه عورت جي جدائي جو غم ۽ پيو بادشاهه سلامت جي ڪاوڙ جو غم ان حالت ۾ ڇا چوندو؟ افسوس جيڪر مون کي بادشاهه جي روبرو نه وڃي وڃن ۽ هتي ئي مٽي ۾ پوري ڇڏين، يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ تُرٰبًا (سورة النبا: آيت ۴۰) (جيڪر ته آئون مٽي هجان ها) الله

تعاليٰ جي دربار ۾ انبياء ۽ اولياءَ ڪرام جو حال ۽ گمراهن جو حال ۾ ان طرح آهي.

نڪتو 63: هڪ پيري عبدالله فقير ڪاتيار کي فرمايائون ٿي ته: انهن خيالن کان باز اچ ۽ پاڻ کي عبدالله (الله جو ٻانهو) سمجهه ۽ توبه تائب ٿي ۽ هنن ڪمن کان رجوع ٿي، خداوند ڪريم جي حضور ۾ توبه ڪر. مذڪوره فقير رندي ۽ قلندرانه مشرب رکندو هو (ٻيخودي ۾) ڪڏهن نماز ۾ ڪونه پڙهندو هو ۽ گهٽو ڪري ان حالت ۾ رقص ڪري صوفيانه ڪلام چوندو هو ۽ حضرت مرشد ڪريم جن کي سڪر جي حالت ۾ پنهنجو خدا ڪري پائيندو هو ان حالت ۾ مٺئين عاشق (عبدالله فقير) پير سائين جن کي عرض ڪيو ته اي سائين توبه ڪرڻ جي معنيٰ آهي پنهنجو ڏوهه قبول ڪرڻ ۽ ڏوهه جي تهمت سرتي کٽڻ سو مون کي ته توبه ڪرڻ کان توبه آهي ان وقت وجد ۽ مستي ۾ اچي غير شرعي ۽ شرڪ آميز شعر چوڻ لڳو پوءِ پاڻ ڪريمن کيس فرمايو ته عارف کي گهرجي ته دن تائين (جنهن مان مراد عرش عظيم آهي) پاڻ کي ڍڪي ان کان مٽي اگهاڙو هجي ته جائز آهي مگر پوءِ ۾ ڪپڙا ڍڪڻ تقويٰ

[1] ملفوظات شريف ڪبير ۾ هن نڪتي جهڙو هڪ نقل باب ۶ جي فصل ۱ ۾ آيل آهي.

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سڪندري

آهي. [1]

اي عزيز! وجد ۽ بي خودي سبب جيڪڏهن ڪنهن صاحب حال کان غير شرعي الفاظ ۽ غير شرعي حرڪتون صادر ٿي پون تہ انهن مطابق هرگز اعتقاد رکڻ نہ گهرجي بلڪ ڪامل مرشد جو ڪم آهي تہ اهڙي مغلوب الحال مريد جي بہ رهنمائي فرمائي جيئن متئين نڪتي ۾ آهي تہ عبدالله فقير ڪاتيار کي حضرت مرشد معظم روضي وارن رضي الله عنه اهڙن خيالن کان رجوع ڪرڻ ۽ توبہ تائب ٿيڻ لاءِ زور پريو ۽ ڪيس شريعت پاڪ جي دائري اندر رهڻ جي سختي سان هدايت فرمائي ۽ مريد کي مرشد ۾ جيڪو ويساه ۽ عقيدو رکڻ کپي ان لاءِ حضرت مرشد ڪريم جن جو هي فرمان مبارڪ مشعل راه آهي. فرمائين ٿا: مريد کي پنهنجي مرشد ڏي ويساه ۽ ارادو شريعت موافق رکڻ کپي. نصارن وانگر زيادتي نہ ڪرڻ گهرجي جو (انهن) پنهنجي نبي کي ابن الله (الله جو پٽ) چئي وڃي نيٺ گمراهي جو نتيجو حاصل ڪيائون. (مترجم)

نڪتو 64: هڪ دفعي خليفي محمود نظاماڻي رحمة الله عليه (جيڪو حضرت مرشد ڪريم جن جو مجاز مطلق ۽ خليفو برحق هو) پير سائين جن جي حضور پر نور ۾ عرض پيش ڪيو تہ حضرتا، عشق واري سڪرات ۾ نماز، جيڪا مومن جو معراج آهي سا وسري ٿي وڃي ڪيس فرمايائون تہ اي ادا! ان حالت ۾ اصل نماز ئي تہ ٻانهي واسطي (ديدار الهٰي لاءِ) عينڪ ٿئي ٿي ۽ درياء جو (سنو) تارو اهو هوندو آهي، جيڪو چولين ۾ پنهنجيون اکيون ۽ ڪن ٻڌڻ نہ ڏئي. [2]

نڪتو 65: هڪ ڏينهن حضرت پير دستگير جن مسجد شريف کان پنهنجي حويلي مبارڪ ڏانهن اچي رهيا هئا، رستي تي (پنهنجي) صاحبزادي ميان محمد ياسين شاهہ (اول) کي (جيڪو ننڍڙو هو) متي ۾ پريل ڏسي وٺس ويهي، سندس منهن ۽ مٿو صاف ڪري هنج ۾ ويهاريائون. ان ئي مهل ڏٺم تہ حضرت مرشد ڪريم جن جي منهن مبارڪ جو رنگ بدلجي ويو پاڻ واپس ٿي مسجد شريف ۾ مراقبو ڪري ويهي رهيا. ايتري ۾ ڪنهن ماڻهو اچي ٻڌايو تہ صاحبزادي ميان محمد ياسين کي الائي ڇا ٿي ويو آهي، جو پنهنجي هوش ۾ ڪونهي ۽ سڪرات واري حالت ٿي وئي اٿس (تنهن ڪري) حضرت جن کي هلڻ گهرجي، مگر پير سائين جن پنهنجي منهن مبارڪ کي مراقبي مان مٿي ئي نہ ڪنيو. ايتري ۾ بہ ٿي ٻيا ماڻهو بہ پاڻ ڪريمن کي سڏڻ لاءِ آيا، نيٺ صاحبزادي جي وفات جي خبر آئي پوءِ پاڻ مراقبي مان مٿو مبارڪ کڻي شڪراني جو نفل پڙهيائون. سلام کان پوءِ جماعت ڏانهن منهن مبارڪ ڪري وينا ۽ فرمايائون تہ اي پائرو! محبوب جي حالت کي زبان سان ٻڌائڻ تہ مشڪل آهي پر اوهان جي

---

[1] هن نڪتي جهڙا، بہ نقل ملفوظات شريف ڪبير باب ۲ جي فصل ۷ باب ۸ جي فصل ۴ ۾ آيل آهن.

[2] ملفوظات شريف ڪبير ۾ هن نڪتي جهڙا، بہ نقل باب۷ جي فصل ۳ ۽ باب ۸ جي فصل ۴ ۾ آيل آهن! جنهن ۾ خليفي صاحب پنهنجي ماجرا بيان ڪئي آهي.

هدايت خاطر توهان کي ڪجھ ٻڌايان ٿو جو الله تبارڪ و تعاليٰ جي ذات پاڪ ايتري ته غيرت واري آهي، جو جيئن سرور عالم ﷺ جن فرمايو آهي ته: آئون غيرت وارو آهيان ۽ مون کان وڌيڪ الله تعاليٰ کي غيرت آهي. هڪ گهڙيءَ ۾ رب العزت ايتري ته غيرت ۾ اچي وئي، جو اوهان پاڻ ڏٺو جن ماڻهن مال، عيال ۽ پنهنجي جان سان ايتري دل لاتي آهي، سي (محبت الٰهي جي) ڪهڙي حجت ڪندا؟ ائين فرمائيندا رهيا ۽ اکين مبارڪن مان موتين جهڙا لڙڪ ڳاڙهيندا رهيا ۽ جملہ جماعت ۾ روڄ ۽ راڙي، وجد ۽ مستي ۾ مستغرق هئي. ڪافي وقت گذري ويو آهي، پر زبان ان حسن سان بيان (جي ڪيفيت) ٻڌائڻ کان گونگي آهي گهٽي وقت کان پوءِ پاڻ اٿيا ۽ صاحبزادي جي ڪفن دفن وغيره ۾ شامل ٿيا. [1]

نڪتو 66: هڪ پيري حضرت پير دستگير جن، سوئي شريف جي مسجد شريف ۾ سيد صاحب ميان حسن شاه جيلاني (جيڪو حضرت جن جي وڏن خليفن ۽ پيارن مريدن مان هو) وٽ صبح جي نماز کان بعد جماعت جي سامهون وينا هئا، اوچتو سيد صاحب جون اکيون مبارڪ پاڻي سان ڀرجي آيون ۽ سندس منهن مبارڪ ڳاڙهو ٿي ويو جوش ۾ اچي چوڻ لڳو ته حضرتا! اڄ مون کي اجازت ڏيو ته آئون اعلان ڪريان ته سيئي ماڻهو اوهان جي زيارت فيض بشارت هن هنڌ ڪن ۽ جنهن به اڄ اوهان جي زيارت ڪئي ۽ اوهان کي ڏٺائين، تنهن تي دوزخ جي باهه حرام آهي. حضرت جن مرڪي فرمايو ته اي محبوب! اها ته اوهان جي ولايت آهي جڳائي ته ائين ٿو جو توهان ئي پنهنجو منهن مبارڪ خلق کي ڏيکاريو. سيد صاحب عرض ڪيو ته اي محبوب! منهنجو ايمان ۽ عقيدو اوهان ئي آهيو آئون ڇا آهيان ۽ ڪير آهيان جو پنهنجو منهن ڏيکاريان آئون ته اوهان جي ئي ذات والاصفات جي ڪمترين ۽ ننڍڙن غلامن مان هڪ غلام آهيان. آخر پاڻ سيد صاحب جي رضا لاءِ اجازت ڏيڻ فرمايائون. سيد صاحب جوش ۾ اٿي ٻيهي پڙهو پي ڏنو ته اي خدا پاڪ جا پانهو اچو ۽ اچي منهنجو محبوب ڏسو، پاڻ تي دوزخ جي باهه حرام ڪرايو. ان اعلان تي خلق جو ايترو ته انبوه اچي گڏ ٿيو جو ويهڻ جي جاءِ نٿي ملي صبح کان وٺي ويندي اڳين نماز تائين پير سائين جن مسجد شريف ۾ وعظ ۽ نصيحت فرمائڻ ۾ مشغول وينا رهيا ۽ فرمايائون ٿي ته فقير ڇا آهي؟ اهو ته مٽي جي مثل آهي جيڪا ڪٽي سٽي پاڻي ۾ پسائبي آهي فقير کي جڳائي ته مال عيال، بلڪ نفس کان به بيزار هجي ڪيترائي الله تعاليٰ جا اهڙا بندا آهن، جيڪي ڪنهن کي به نه رنجائيندا آهن پر کي ٿورا اهڙا هوندا، جيڪي ڪنهن جي رنجائڻ سان رنج نه ٿين. [2]

---

[1] هن نڪتي جهڙو هڪ نقل، ملفوظات ڪبير، باب ۱۲ جي فصل ۳ ۾ بيان ٿيل آهي.

[2] حضرت مرشد ڪريم جن الله تبارڪ و تعاليٰ جي بندن جي جيڪا وصف ٻڌائي آهي ته اهي ڪنهن جي رنجائڻ سان رنج نه ٿيندا آهن. اها وصف خود حضرت پير سائين جن ۽ سندن اولاد اطهار ۾ بدرجہ اتم تاحال موجود ڏسڻ ۾ اچي ٿي! (مترجم)

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سڪندري

نڪتو 67: هڪ پيري حضرت پير دستگير جن رياست بهاولپور (جي حدود) ۾ رستي سان جماعت سميت وڃي رهيا هئا رياست جو نوابن جو هڪ ملازم خانپور شهر (غالبًا خانپور ڪٽورا) کان ٻاهر پنهنجي اٺ جي ڳولا ۾ پي ويو اوچتو ان جي نظر پير سائين جن جي جماعت تي پيئي تڏهن ان شخص اچي حضرت مرشد ڪريم جن جي ذات والاصفات جي قدم بوسي ڪئي ۽ ڪجھ پنڌ پيادل پير سائين جن سان گڏجي هليو. ان کان پوءِ (واپس ٽيٹ جي) موڪل گهريائين. پاڻ ڪريمن ان کي فرمايو تہ اي ادا! ڪيترا ڏينهن اٺ جي طلب ۾ رهندين ڪم اهو ڪر. جيڪو سپاٽي ڪم اچيئي. هي جيڪا حياتي آهي سا انسان کي غنيمت ڪري ڏني وئي آهي پنهنجي دل کي هن ڪميني دنيا کان ڇني مضبوط يقين ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي دين سان محڪم ٻڌڻ گهرجي اهڙيءَ طرح ڳچ تائين فرمائيندا رهيا تان جو ان ملازم جو منهن بدلجي ويو ۽ جوش ۾ اچي بيهوش ٿي ويو ڪجھ وقت تائين غش پيو هو ۽ پير سائين جن گهوڙي تي بيٹا رهيا جڏهن اهو ملازم هوش ۾ آيو تہ مريد ٽيٹ لاءِ عرض ڪيائين پوءِ حضرت مرشد ڪريم جن ڪيس اتي (سلسلي ۾ داخل فرمائي) مريد ڪيو ان کان پوءِ اهو شخص خانپور جي اوسي پاسي سفر ۾ پير سائين جن سان گڏ هو پوءِ اجازت وٺي هليو ويو. ڳالھ ٽا ڪن تہ پاڻ ڪريمن جي اجازت کان پوءِ اهو شخص وري پنهنجي شهر ۾ (واپس) نہ ويو ۽ اتي ئي جهنگ ۾ حجرو ٺاهي ويهي رهيو هو جيستائين جيئرو هو تہ ياد الاهي ۾ مشغول رهيو ۽ انساني ضرورت کان سواءِ ان حجري مان ٻاهر نہ نڪتو. تان تہ وفات کان پوءِ سندس لاش حجري مان ٻاهر ڪڍيائون.

نڪتو 68: هڪ وقت حضرت پير دستگير جن مون کي فرمايو تہ اي ادا محمد حسين! فقير، دانشمند ۽ صوفي ڪنهن کي چوندا آهن ۽ درويش، زاهد ۽ عارف ڪير آهي؟ مون عرض ڪيو تہ حضرتا! اوهان سمجهايو جو ڪل عقل اوهان جي ذات مبارڪ آهي، هن بندي تي مهرباني فرمائي ڪجھ سمجهايو. فرمايائون تہ فقير ۾ چار حرف (ف،ق،ي ۽ ر) آهن. ف مان مراد فاقه ڪيڻ، ق مان قيام شب، رات جو جاڳڻ ۽ ڏينهن جو عبادت ڪرڻ مراد آهي، ۽ ي مان مراد هر هڪ ۾ يقين ڪرڻ ۽ ر مان مراد آهي تہ خداوند ڪريم جي رحمت ۾ اميدوار هجڻ گهرجي [1]

دانشمند ۾ ست حرم (د،ا،ن،ش،م،ن،د) آهن **دال** معنيٰ دنيا کي ٿي طلاقون ڏئي، **الف** معنيٰ آخرت کي طلبي، **ن** معنيٰ نصيحت چوندڙ هجي، **ش** معنيٰ شريعت محمدي ﷺ لاءِ ڪوشش ڪري، **م** معنيٰ مسڪين ٿي زندگي گذاري، **ن** معني نشست برخواست (تعلق) الله تعاليٰ کان سواءِ، ڪنهن پي سان نہ رکي ۽ **د** معني دين جي حفاظت ڪري.

---

[1] ملفوظات شريف ڪبير ۾ فقير بابت حضرت مرشد ڪريم جن جو هڪ قول مبارڪ نقل فرمايل آهي تہ طالب اهو شخص آهي جنهن کي خودي وسريل ۽ خدا ياد هجي ۽ فقير انهيءَ کي چئبو آهي جنهن کي نہ خودي ياد هجي ۽ نہ خدا ، ٻئي وسريل هجن! (ڏسو باب ۴ جو فصل ۴)

صوفي ۾ چار حرف (ص،و،ف،ي) **ص** معنيٰ اندر جو صادق هجي، **و** معنيٰ وفا ڪندڙ قول جو هجي، **ف** معنيٰ فاني نفس هجي ۽ **ي** معنيٰ ياري (مدد) الله تعاليٰ ڪان طلبي.

درويش ۾ پنج حرف (د،ر،و،ي،ش) آهن. **د** معنيٰ دنيا کي طلاق ڏئي **ر** معنيٰ دنيا جو رنج سهي **و** معنيٰ وجه حلال يعني حلال روزي حاصل ڪري **ي** معنيٰ ياري (مدد) الله تعاليٰ ڪان طلبي **ش** معنيٰ شريعت محمد ﷺ تي عمل ڪري.

زاهد ۾ چار حرف (ز،ا،ه،د) آهن، **ز** معنيٰ زينت ترڪ ڪري ڇڏيو، **الف** معنيٰ آخرت کي اختيار ڪري، **هـ** معنيٰ هواء نفس يعني نفساني سڏون ڦٽي ڪري، **د** معنيٰ دنيا کي طلاق ڏئي.

عارف ۾ چار حرف (ع،ا،ر،ف) آهن **ع** معنيٰ عالي همت هجي **الف** معنيٰ الله پاڪ کي ياد ڪري **ر** معنيٰ هر حال ۾ راضي هجي **ف** معنيٰ فارغ جهان ۽ خلق کان هجي.

نڪتو 69: هڪ دفعي حضرت پير دستگير جن سان گڏ ٽر جي سفر ۾ پئي وياسون رستي ۾ ڪجھ ماڻهو ڊوڙندا آيا ۽ حضرت مرشد ڪريم جن جي قدم بوسي ڪري، سندن سواري مبارڪ جي واڳ کي ونڊي پنهنجن گهرن ڏانهن ڇڪي، دعوت ۽ مهماني کائڻ لاءِ منٿون ڪرڻ لڳا. پير سائين جن به انهن جي دلجوئي خاطر خاموش رهيا ۽ انهن سان گڏ سندن ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا، تنهن تي ان علاقي جي ڪجھ معتبر مريدن حضرت مرشد ڪريم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! هي ماڻهو چور آهن ڦر، چوري ڪرڻ ۽ حرام کائڻ کان سواءِ انهن جو ٻيو ڪوبه ڪم نه آهي ان قوم جو ڪم ئي اهو آهي، تنهن ڪري انهن جي دعوت ۽ مهماني قبول نه فرمايو پاڻ ڪريمن جواب ۾ فرمايو:

مرد عارف رانمی دارد زیان
گر خورد او زهر قاتل راعیان

(جيڪڏهن عارف مرد قاتل زهر کائيندو ته به اهو ان کي نقصان نه ڏيندو) ۽ فرمايائون ته باري تعاليٰ جي مرضي هينان جيڪو راز مخفي ۽ پردي اندر آهي، سو جلدي پنهنجي حجاب (پردي) مان ظاهر ٿيندو پوءِ سيني ڪٽي مان ڪئي ۽ پاڻ اوڏانهن روانا ٿيا ۽ دعوت قبول فرمايائون. دعوت کان پوءِ ان ڳوٺ جا سڀ ننڍا وڏا مرد ۽ عورتون چوري ۽ سيني گناهن کان سچي دل سان توبه تائب ٿيا ۽ پير سائين جن جي بيعت ڪري مريد ٿيا پوءِ حضرت مرشد ڪريم جن فرمايو هڪ دل کي الله تعاليٰ جي راه تي آڻڻ سو سوال جي حلال کائڻ کان بهتر آهي:

دل بدست آور کہ حج اکبر است
از هزاران کعبہ یک دل بہتر است

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

(دل هڻ ڪر (دل جو حضور هڻ ڪر) جو اڪبري حج اهو اٽئي هزارين ڪعبن (جي عبادت) کان هڪ دل (جو حضور هڻ ڪرڻ) بهتر آهي) فرمايائون تہ: جيڪڏهن هي هڪ مشتبہ يعني شڪ وارو لقمو نہ کائون ها تہ هي هيتريون دليون ڪيئن هڻ ڪريون ها؟ اميد تہ منهنجي ان هڪ خطا کي هيترين سارين دلين کي الله تعاليٰ جي راه تي آڻڻ جي عيوض ضرور بخشيو ويندو:

شنيدم ڪہ در روز اميدو بيم
بدان رابنيكان ببخشد كريم

(ٻڌو اٿم تہ قيامت جي ڏينهن، الله تعاليٰ نيڪن جي طفيل بچڙن کي بہ بخشي ڇڏيندو)

قرآن مجيد ۾ آهي: وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (سورة التوبہ: آيت ۱۰۲) (۽ ڪجهہ ٻيا ٻانها) آهن جن پنهنجي گناهن جو اقرار ڪيو ۽ ملايائون هڪ ڪم سٺو ۽ ٻيو خراب، عنقريب الله انهن جي توبہ قبول ڪندو بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي)

نڪتو 70: هڪ پيري حضرت پير دستگير جن سان گڏ ٻيڙي ۾ ويهي درياء تي رهيا هئاسون ڪي ماڻهو درياء جي پرين پر ٻيڙي جي انتظار ۾ بيٺا هئا (اسان ٻيڙيءَ مان ڏسي رهيا هئاسون تہ(اهي ماڻهو حضرت مرشد ڪريم جن جي ٻيڙي ڪي ايندو ڏسي خوش ٿيا ان وقت پاڻ پنهنجي زبان وحي ترجمان سان فرمايائون تہ شال مون کي بہ الله سبحانه و تعاليٰ جي وصال جي اهڙي خوشي حاصل ٿئي.

نڪتو 71: هڪ ڏينهن حضرت پير دستگير جن فرمايو ٿي تہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي ديدار فرحت آثار لاءِ ڪوشش ڪريو ان کان بعد هڪ نقل مثال طور بيان فرمايائون تہ: هڪ بادشاه هو، جنهن هڪ باغ تيار ڪرڻ جو حڪم ڪيو جڏهن باغ ٺهي راس ٿيو تہ ان ۾ قسمين قسمين ميوا! گل هئا وري بادشاه حڪم ڪيو تہ ان باغ ۾ محلاتون ٺاهي، انهن ۾ خزانا، ڳائٽيون، نچٽيون ۽ عيش عشرت جو سامان ۽ ٻيون قيمتي شيون موجود ڪيون وڃن. ان کان پوءِ بادشاه سموري لشڪر کي گهرائي چيو تہ آئون هن باغ جي اندر لکي ٿو وڃان اوهان سيئي ڪوشش ڪري مون کي ڳولي ڏسو، جڏهن بادشاه ان باغ ۾ لکي ويو تہ سيئي بادشاه کي ڳولڻ لاءِ ان باغ ۾ ويا، جڏهن ان باغ اندر طرحين طرحين نعمتون ڏٺائون تہ گهٽن کان بادشاه جي ڳولا ڪرڻ ئي وسري وئي ۽ هو انهن نعمتن ۾ مست ٿي ويا. کي دنيا ۽ تونگري ۾ لڳي ويا ۽ کي ڳائٽين ۽ نچٽين ۾ تہ کي وري گلن جي نظارن ۾ تہ کي ميون کائڻ ۾ مست ٿي ويا پر جيڪي بادشاه جا سچا عاشق ۽ سندس محبت ۾ فنا هئا، تن باغ جي ڪنهن بہ

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

دل فريب ۽ سهڻي کان سهڻي شيءِ ڏانهن نهاريو بہ ڪين ۽ پنهنجي اکين ۾ "مَازَاغَ الْبَصَرُ " وارو سرمون پائي، بادشاھ جي حضور ۾ پهچي سندس وصال ماڻيائون ۽ جيڪي اڏورا عاشق ۽ بادشاھ جي رعب تاب کان ڊڄندڙ ۽ مطلبي هئا، تن ٿورو گهٽو باغ جو نظارو بہ ڪيو ۽ بادشاھ کي بہ وڃي لڏائون. باقي ٻيا جيڪي رڳو باغ جي نعمتن ۾ مست هئا، تن ڪجھ بہ نہ ڪيو ايتري ۾ بادشاھ پنهنجي پردي واري جاءِ مان نڪري جلوه افروز ٿيو جيڪي سندس سچا عاشق هئا، تن کي اهو سمورو باغ حوالي ڪري ڇڏيائين ۽ پاڻ بہ انهن کان راضي ٿيو ۽ جيڪي اڏورا عاشق يا مطلبي هئا، تن کي سزا ۽ دڙڪن ڏمانن کان پوءِ ان باغ ۾ رهڻ لاءِ هڪ ڪنڊ ملي ۽ باقي جن باغ ۾ رڳو عيش عشرت کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ ڪيو، تن کي باغ کان محروم ڪري عذاب واري جاءِ ۾ بند ڪري ڇڏيائين ۽ بادشاھ کائن سخت ناراض بہ ٿيو ان مثال کان بعد فرمايائون تہ ظاهر آهي تہ هي جهان بہ الله تعاليٰ جو مجازي باغ آهي جنهن ۾ حق سبحانه و تعاليٰ جي ذات اقدس پوشيده آهي ۽ ان کان ٻاهر نہ آهي پوءِ جيڪو سندس جستجو ڪندو تہ اهو ضرور لهندو جيئن قرآن مجيد ۾ آهي: "وَ اَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى"(سورة النجم: آيت ۳۹) (انسان جي لاءِ اهو ڪجھ آهي، جيڪا هو ڪوشش ڪندو) اهڙي طرح قدسي حديث ۾ آهي: مَنْ طَلَبَنِيْ وَجَدَنِيْ (جيڪو مون کي طلب ڪندو سو مون کي لهندو) متئين مثال موجب هن جهان جي ماڻهن جا بہ ٽي قسم آهن عاقل، نيم عاقل ۽ ديوانا عاقل اهي عارف بالله ڪامل مڪمل شخص آهن، جيڪي الله تعاليٰ جي محبت ۽ معرفت کان سواءِ ڪجھ بہ نہ گهرندا آهن نيم عاقل اهي صالح ٻانها آهن، جيڪي دوزخ جي خوف ۽ بهشت جي آسري تي صالح عملن سان پنهنجو مطلب لهندا آهن ۽ ديوانا اهي ڪافر ۽ سڙڻيا آهن جن دنيا جي لذتن ۽ دنوي ڪاروبار کي ئي سڀ ڪجھ سمجهيو آهي (۽ ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي حياتي وڃائي ڇڏي اٽن) پوءِ جڏهن قيامت جي ڏينهن حق سبحانه و تعاليٰ پنهنجي حجاب واري پردي کان، ظاهر ٽي پنهنجو ديدار ڪرائيندو تہ سيني انسانن جي حالت بہ ان بادشاھ ۽ ان جي لشڪرين واري متئين مثال وانگر ٿيندي! [1]

نڪتو 72: هڪ دفعي حضرت پير دستگير جن جي حضور ۾ وينا هئاسون، تہ بن فقيرن پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهہ تي بحث ڪيو! تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ: فقيري ان طرح نہ هوندي آهي! فقيري خاڪ ٿيڻ آهي، جيڪا ڪٽيل ستيل ۽ پاٽي ۾ پسيل هجي!

نڪتو 73: هڪ پيري پاڻ فرمايائون تہ ولي سڳورا ڪنهن کي نہ رنجائيندا آهن ۽ اهڙا تہ گهٽا آهن، پر کي ٿورا اهڙا هوندا، جيڪي ڪنهن ٻئي جي رنجائڻ سان رنج نہ ٿين. [2]

---

[1] هن نڪتي جهڙو هڪ نقل ملفوظات ڪبير باب ۴ جي فصل ۷ ۾ تفصيل سان بيان ٿيل آهي!

[2] حضرت مرشد ڪريم جن الله تبارڪ و تعاليٰ جي بندن جي جيڪا وصف ٻڌائي آهي تہ اهي ڪنهن جي رنجائڻ سان

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نڪتو 74: هڪ وقت سندن صحبت ۾ وينو هوس پاڻ فرمايائون تہ مرشد ڪامل جي حضور ۾ دل کي حاضر ڪري ويهجي، جيڪڏهن دل حاضر نہ ٿئي تہ نہ ويهجي. (جو اهڙي شخص کي فيض نہ ملندو) ۽ بي نصيب رهجي ويندو پوءِ هي بيت فرمايائون:

آگم ڪيو اچن سچڻ سانوڻ مينهن جيئن،
پاسي تن وسن، جي سپ ڇماندر سکيون

ان کان پوءِ مثال ڏنائون تہ جيڪڏهن ڪٿي گهور گهوربي تہ ان مان حصو ان کي ملندو، جيڪو ڪپڙو وڃائيندو ۽ جيڪو غافل ٿي ڪپڙو نہ جهليندو، سو ان گهور کان بي نصيب رهجي ويندو. (1)

پوءِ فرمايائون تہ هڪ ڏينهن هڪڙو بادشاهہ ڪنهن ولي الله جي زيارت جي ارادي سان روانو ٿيو ولي سگهوري جي دربار ۾ جيڪي به صحبتي وينل هئا، سي بادشاهہ جو ٻڌي، سيئي ان ولي الله جي ڪچهري ڇڏي، بادشاهہ ڏسڻ لاءِ ٻاهر هليا ويا مگر هڪڙو فقير، جيڪو اڪيون اڪين ۾ اڙايون بزرگ جي ديدار ۾ مست وينو هيو ۽ درويش کان پري نٿي ٿيو تنهن کي درويش فرمايو تہ تون به بادشاهہ جي اڳ تي وڃ. تنهن تي ان فقير هي بيت پڙهيو:

همہ شهر پرز خوبان من در خيال ماهی
چه کنم که چشم بدخو نه کند بکس نگاهی

(سارو شهر سهڻن سان پريل آهي، مگر آئون پنهنجي هڪڙي محبوب جي خيال ۾ آهيان

رنج نہ ٿيندا آهن. اها وصف خود حضرت پير سائين جن ۽ سندن اولاد اطهار ۾ بدرجہ اتم تاحال موجود ڏسڻ ۾ اچي ٿي (مترجم)

(1) ملفوظات شريف ڪبير ۾ دل جي حضور بابت هڪ نقل هن طرح آهي تہ هڪ پيري درگاهہ شريف واري مسجد ۾ گهٽا فقير حضرت مرشد ڪريم جن جي صحبت ۾ حاضر هئا تہ ايتري ۾ مٿان مڪڙن جو انبوهہ اچي لنگهيو ۽ ڦولڙيون لاهيندا اڳتي پي ويا، فقيرن ڦولڙين ڪرڻ جي ڪري مٿي نهاريائون، سندن مٿي نهارڻ طبيعت مبارڪ تي گران لڳو ۽ پاڻ ان تي ناخوش ٿي فرمايائون تہ طالب کي مرشد جي حضور ۾ اهڙو ٿي ويهڻ گهرجي جو جيڪڏهن آسمان مٿان اچي ڪڙڪيس تہ به اک نہ ڦيرائي ۽ هيڏي هوڏي نہ نهاري (باب۴ فصل ۲)

ٻئي هنڌ سندن فرمان آهي تہ: جيڪڏهن مريد حاضر دل هوندو تہ اهو توڙي ڪٽي سون ميلن تي پري هوندو تہ به مرشد جي توجهہ کان بهرياب ٿيندو رهندو. گوياڪ حضور ۾ آهي پر جيڪڏهن مرشد جي حضور ۾ دل حاضر نہ رکندو تہ اهو توڙي ظاهري ويجهو وينو هجي تہ به ڇٽ ڇئو تہ سون ميلن تي پري بي نصيب ٿيو وينو آهي (باب ۴ فصل ۷)

گهور ونڊ بابت فرمائيندا هئا تہ انبار وڏو ئي هڻ ۾ آهي، پر ڦريندڙ ڪونهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن فرمائيندا هئا تہ: گهورون ٿا گهورين، پر پلو جهليندڙ ڪونہ آهي!!

سڪندريه پبليڪشنز، درگاهہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا: طالب دعا: ع ق سڪندري

پنهنجي ٻڌڻي عادت واري اک کي، ڇا ڪريان جيڪا هڪ محبوب کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن نهاري ئي نه ٿي)

نڪتو 75: هڪ دفعي پير دستگير جن جي صحبت ۾ وينو هوس پنهنجي زبان مبارڪ سان نقل بيان فرمايائون ته هڪ رات احمد شاهه (ابدالي) پنهنجي وزير سان گڏ حضرت مخدوم صاحب جي زيارت لاءِ پريالوءِ شريف آيو [1] ته حضرت مخدوم صاحب جن پنهنجي هڪ فقير سان گڏجي شهر کان ٻاهر اچي بادشاهه سان ملاقات ڪري هيٺ زمين تي ويهي رهيا ۽ احمد شاهه ابدالي ٻينو رهيو ان کان بعد بادشاهه جي وزير پنهنجو ڪپڙو زمين تي وڇائيو، پوءِ بادشاهه ان ڪپڙي تي وينو تنهن تي فقير جيڪو حضرت مخدوم صاحب جن سان گڏجي آيو تنهن هي بيت پڙهيو:

نڪي ٻانهڙين ۾ نڪي منجهه ڪنن،
محبت پايو من، ٿي ملي محلاتن ۾

نڪتو 76: هڪ دفعي هڪ فقير حضرت پير دستگير جن جي ڪپڙي مبارڪ جي دامن وٽي سندن حضور ۾ عرض ڪيو ته دامن لڳي جو ننگ توهان تي آهي؟ ان فقير کي فرمايائون ته هي دامن وارو ڪپڙو نيٺ فنا ٿي ويندو، دامن اها نه آهي دامن هي آهي ته اوهان متابعت (تابعداري) واري دامن کي سچي ارادي ۽ ڪامل اعتقاد سان مضبوط ڪري وٽو، جيڪا ڪڏهن به فنا نه ٿيندي. [2]

نڪتو 77: هڪ وقت پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ جي طالب کي جڳائي ٿو ته هو هر گهڙي هر پلڪ الله تعاليٰ جي يادگيري کان غافل نه ٿئي جيئن کو ماڻهو پنهنجي ڪنهن پياري عزيز کي ان جي ٻاهر وڃڻ وقت هميشه ياد پيو ڪندو رهندو آهي، تيئن الله تعاليٰ کي ياد ڪجي. [3]

۽ حضور سرور عالم ﷺ جن فرمايو آهي: اَنَا غُيُوْرٌ وَّاللّٰهُ اَغْيَرُ مِنِّيْ (آئون غيور آهيان ۽ الله تعاليٰ مون کان وڌيڪ غيرت وارو آهي)

---

[1] احمد شاهه ابدالي، دهلي تي ڪاهه وقت، سنڌ مان گذرندي، ولي ڪامل فاضل جليل حضرت مخدوم محمد اسماعيل (قوم جوٽيجو) ، پريالوي (متوفي ٨ ربيع الاول سن ١١٧٤ھ) جن جي زيارت ۽ ملاقات لاءِ پريالوءِ شريف ۾ آيو هو ۽ حضرت مخدوم صاحب جن کان دهلي جي فتح لاءِ دعا ۽ گهرائي هئائين (ڏسو تذڪره مشاهير سنڌ)

[2] مرشد ڪريم جي متابعت بابت ملفوظات شريف ڪبير ۾ گهٽو تاڪيد فرمايو اٽن جهڙوڪ خليفي صاحب جي پڇيءَ سڳوري کي فرمايائون (ڏسو باب ٢ فصل ٣)

[3] ملفوظات شريف ڪبير ۾ مثال ڏنائون ته الله جا طالب اهڙي طرح منتظر ۽ مستعد رهندا آهن جيئن ڪا پري پرٽيل نياڻي پنهنجي پيڪن لاءِ تيار ۽ منتظر رهندي آهي (ڏسو باب ٤ فصل ٧) ۽ پيو مثال وزير جو بادشاهه جي دربار ۾ بي خيال ٻيهڻ ۽ سندس عتاب هيٺ اچڻ جو، بيان فرمايو اٽن (ڏسو باب ٤ فصل ٣)

اکيون سي ئي ڏار، جنهن سان پسين پرين کي،
بي ڏڻي کي م نهار، راول ريساڙو گهٽو
چوندڙ کهڙو نہ چگو چيو آهي:

یک چشم زدن غافل زان ماه نباشم،
ترسم که نگاهی کند آگاه نباشم

(هڪ اک چنيڙ جيترو بہ پنهنجي چنڊ (جهڙي محبوب حقيقي) کان غافل نہ ٿيندس ڏجان ٿو تہ متان اوچتي نگاھ ڪري ۽ مون کي خبر نہ پوي)

نڪتو 78: هڪ وقت سندن فيض پري صحبت ۾ وينو هيس تڏهن فرمايائون تہ مجازي عشق جي تعريف جڏهن تہ زبان سان نٿي ڪري سگهجي، پوءِ حقيقي عشق جي ڳالهہ زبان سان ڪيئن ٿي سگهندي؟ ان کان بعد هڪ نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙيون بہ پينرون هيون، تن هڪ بي سان واعدو ڪيو هو تہ، اسان بنهي منجهان جيڪا اڳ ۾ پرڻبي سان بي پيٽ کي نڪاح جي لڏتن جي خبر ٻڌائيندي. جڏهن انهن مان هڪ جي شادي ٿي وئي تہ بي پيٽ ڪائونس پڇيو تہ اي ادي! ٻڌاءِ تہ نڪاح جون لڏتون ڪيئن هونديون آهن؟ تنهن تي ان چيو اي منهنجي پيٽ! اهي لڏتون زبان سان بيان نٿي ڪري سگهان، جڏهن تون نڪاح ڪندينءَ تہ ان وقت تو کي انهن جي خبر پوندي. اي يارو! جڏهن مجاز جي لڏتن کي زبان سان بيان نٿو ڪري سگهجي تہ حقيقي لڏت کي زبان سان ڪيئن چئي سگهبو؟

نڪتو 79: هڪڙي وقت مسجد شريف ۾ فقيرن سان صحبت دوران زبان مبارڪ سان نقل بيان فرمايائون تہ هڪڙي وليءَ شخص پنهنجي جاءِ تي پنهنجي ڪپڙن مان جوئان وينو ڪڍيون تہ ان دوران هڪڙو بادشاھ پنهنجي وزير سان گڏجي ان ولي الله جي زيارت لاءِ سندس دروازي تي آيو. هڪڙو مريد ان بزرگ سان گڏ وينو هو، تنهن جو بادشاھ کي ايندي ڏٺو تہ خوشي مان رڙ ڪري چيائين تہ او سائين! بادشاھ بينو آهي تنهن تي مريد کي ان بزرگ چيو تہ آئون سمجهيو هو تہ شايد ڪا وڏي جونءَ لڏي اٿئي، تڏهن خوش ٿيو آهين! ان کان پوءِ بادشاھ ۽ وزير ٻئي ڇڻا، ان بزرگ جي اڳيان اچي وينا، پر بزرگ پنهنجي حال ۾ جيئن جو پير ڏگها ڪيو وينو هو، تنهن بادشاھ ڏانهن واجهايو بہ ڪين (وزير کي ان ڳالهہ تي منيان لڳي تہ هي درويش بادشاھ ڏانهن واجهائي بہ ڪين ٿو تنهن تي) وزير ان بزرگ کان پڇيو تہ اي فقير! اوهان ڪڏهن کان پير ڏگها ڪيا آهن؟ بزرگ فرمايو تہ ان ڏينهن کان جڏهن کان اسان طمع جو هٿ ڪوتاھ ڪيو آهي. [1]

[1] هن نڪتي جهڙو هڪ نقل ملفوظات شريف ڪبير، باب ٦ جي فصل ٣ ۾ آيل آهي.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

نڪتو 80: هڪ دفعي حضرت پير دستگير جي صحبت ۾ وينو هوس پاڻ زبان درافشان سان فرمايائون تہ حق تعاليٰ جي طالب کي گهرجي تہ جلال ۽ جمال جي حالت ۾ خوش هجي ۽ خوشي ۽ غمي ۾ بہ هڪ جهڙو هجي ان کان بعد هي بيت پڙهيائون:

سدا سور نہ هون، گوندر وچن گذري،
اوکايون عاقل چوي، پر کا ڪارڻ پون،
چگّا ائين چون، تہ در نہ متجي دوست جو

نڪتو 81: هڪ وقت پاڻ فرمائي رهيا هئا تہ الله تعاليٰ جي ولين جا گهٽا قسم آهن هڪڙا انهن مان "عزلتي" (يعني گوشہ نشيني ڪندڙ) هوندا آهن جيڪي پاڻ کي هر حالت ۾ گمنام ۽ لڪل رکندا آهن ان کان بعد هڪ نقل بيان فرمايائون تہ هڪ مٿئين قسم وارن ولين مان ننڍ ۾ ستل هوا، جنهن کان ننڍ جي حالت ۾ زبان تي الله جو اسم بلند آواز سان جاري ٿي ويو. صبح جي وقت ان کي سندس زال ٻڌايو تہ رات ننڍ ۾ تنهنجي زبان مان هن طرح بلند آواز سان مون الله پاڪ جو اسم ٻڌو آهي. ان ڳالهہ ٻڌڻ شرط کيس افسوس ٿيو تہ هي مون کان ڇا ظاهر ٿي پيو آهي ۽ (ان افسوس ۾) اهو گذاري ويو. ان کان پوءِ سندس پيٽ ان جي وفات جي خبر ٻڌي آئي، ۽ اچي چيائين تہ هن ڪچي لاءِ ڪهڙي طرح روئان جو هي ايان ڪچو هو ڇاکاڻ تہ هن پاڻ کي خواب ۾ خوار ڪري وڌو.

نڪتو 82: هڪڙي وقت پاڻ مسجد شريف جي اڳڻ ۾ فقيرن جي جماعت سان صحبت وينو فرمايائون ان دوران فرمايائون تہ الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي: لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ (سوره آل عمران: آيت ۹۲) (توهان هرگز پلائي کي نہ پهچندو، جيستائين خداؤ جي راهہ ۾ پنهنجي پياري شيءِ کي خرچ نہ ڪندؤ) پوءِ هي بيت پڙهايائون:

مال جان را تو برو يکان بباز،
راه نزديکست چرا کردی دراز را

(مال ۽ ساهہ ٻئي گڏي ان تان گهور ڪري، رستو تہ ويجهو آهي، پر تو ان کي ڇو ڊگهيو ڪيو اٿئي؟)

نڪتو 83: هڪڙي وقت صحبت دوران پاڻ هيءَ وصيت فرمايائون: اَلصَّبْرُ مِفْتَاحُ الْفَرَجِ يعني صبر خوشيءِ جي ڪنجي آهي ان کان بعد پنهنجي زبان وحي ترجمان سان هيٺيان بيت پڙهيائون:

صبر جن جو سير، تير نہ گسي تن جو
لائي ترار لا جي، ڪٽي خچر کي هڻ،

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

سڏن جون سيد چوي، وڻون سپ وڪڙ،
پير تهان پوءِ ڪڙ، تہ هلن ۾ هورو ٽئين
هي هي جو هڪدم، اجل کان اڳي مرين،
مرتبو تنهنجو مرشد چوي، تهڙو ٽئي اتم،
ڪيو ادريس اهڙو ڪم، تہ جوڳو جنت جو ٽيو

اوپر ڏانهن ٽي اپريو، تہ ڪکر لاٿي ڪس،
سائدي جو سيد چوي، هت رهڙ ڪونهي رس،
اتي نيئي وس، جاٿي ساڻن منهنجا سپرين

والصلواة والسلام علىٰ سيد المرسلين وعلىٰ آله واصحابه اجمعين

ملفوظات شريف صغير مسميٰ صحبتنامه (فارسي) جو ترجمو بتاريخ ۱۰ رمضان المبارک سن ۱۴۱۱ ھ

سڪندريه پبليڪشنز، درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

مطابق ۲۷ مارچ سن ۱۹۹۱ع اربع جي رات هڪ وڳي پورو ڪيو ويو. فقير (مفتي) عبدالرحيم سڪندري، مهتمم صبغة الهدىٰ، شاهپور چاڪر ضلع سانگهڙ

ملفوظات شريف جي روشنيءَ ۾ صحيح مسلڪ جي سڃاڻ

نحمده و نصلي و نسلم علىٰ رسوله الكريم اما بعد!

هن پرفتن دور ۾ هر گمراھ فرقو پنهنجي پاڻ کي حق تي سمجھڻ جي دعويٰ ڪري ٿو. ستر ظريفي هي آهي جو هو پنهنجي گمراهي کي لڪائڻ لاءِ عارفن، صالحن ۽ الله تعاليٰ جي پيارن ولين کي پنهنجو همنوا ۽ هم مسلڪ چئي پروپيگنڊا ذريعي گمراهي پکيڙڻ ۾ مشغول نظر اچي ٿو هت اسان حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي جن جي مسلڪ مبارڪ بابت سندن ملفوظات شريف جي روشني ۾ موجوده وقت جي چند اهم اختلافي مسئلن تي روشني وجھڻ ضروري سمجھون ٿا، ته جيئن گمراھ فرقن جي غلط پروپيگنڊا سبب پکڙيل غلط فهمي دور ٿي سگھي ۽ حق جا متلاشي، (خصوصًا حضرت جن جي جماعت) ڪنهن غلط فهمي جو شڪار نه ٿئي ۽ حضرت روضي ڈٹي رحمة الله عليه جن جي تعليمات ۽ معمولات مطابق، پنهنجي عقائد جي درستگي ڪري زندگي گذاري سگھي.

ڪجھ اھڙا به ماڻهو آهن، جيڪي ظاهر ۾ پاڻ کي "قادري راشدي سلسلي" جو پيروڪار سڏائن ٿا، ليڪن حقيقت ۾ اهي وهابيت جي موذي مرض ۾ مبتلا آهن. اهي پاڻ کي حضرت پير سائين روضي ڈٹي جا مريد ۽ معتقد به چورائيندا آهن ۽ حضرت جن سان عقيدت ۽ ارادت جو دم به هڻندا آهن، پر حقيقت ۾ عقيدي ۽ مسلڪ جي اعتبار سان، انهن جو حضرت پير سائين روضي ڈٹي سان ڪوبه تعلق نه آهي. صرف پاڻ کي چمڪائڻ لاءِ عوام کي، خصوصًا پير سائين جي جماعت کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائي بدعقيدگي پکيڙڻ لاءِ، قادري راشدي سلسلي جو سڏائي دوکو ڏيندا آهن، ان ضرورت جي پيش نظر ضروري ڄاتوسون ته اصلي ۽ نقلي قادري راشدي سڏائيندڙن ۾ فرق کي واضح ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته حضرت جن جي ذات کي مخالفين به ظاهر ۾ مڃين ٿا. بلڪ غلط فهمي پيدا ڪرڻ لاءِ ديوبندي، وهابي، حضرت پير سائين روضي ڈٹي جن کي پنهنجو هم خيال ۽ هم مسلڪ ظاهر ڪندا آهن ۽ پير سائين جن جي جماعت کي اهڙن حربن ذريعي گمراھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

ديوبندي وهابي جن مسئلن جي بنا تي اهل سنت و جماعت کي ڪافر، مشرڪ ۽ بدعتي قرار ڏيندا آهن، انهن مان چند اهم مسئلا سرفهرست هي آهن:

١- حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم کي پاڻ جھڙو بشر نه چوڻ.
٢- سندن عرس مبارڪ ڪرڻ
٣- حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جن کان مدد طلب ڪرڻ

سڪندريه پبليڪشنز ۾ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

۴- حضور ﷺ جن جو جسماني معراج ۽ ظاهري اکين سان خدا تعاليٰ جو ديدار ڪرڻ
۵- حضرت پيران پير دستگير رضی اللہ عنہ جي باس باسڻ
۶- ولين جي قبرن جي زيارت ڪرڻ
۷- زيارت کان پوءِ پوئين پير واپس اچڻ
۸- ولين جي قبرن تان فيض جو ملڻ
۹- مرشد جي صورت جو تصور ڪرڻ
۱۰- ولين جو هڪ ئي وقت ۾ مختلف گهٽين جاين تي اچڻ
۱۱- مرشد ونڻ
۱۲- اولياءَ الله کان مدد گهرڻ وغيره.

اهل سنت و جماعت جو مٿين مسئلن بابت عقيدو صحيح آهي يا غلط؟ ان متعلق اسان هتي واضح طور ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته، امام العارفين ۽ تيرهين صدي جي مجدد، سنڌ ۾ قادريہ راشديہ سلسلي عاليہ جي علمبردار شيخ الشيوخ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي پنهنجي ملفوظات شريف ۾ انهن مٿين مسئلن جو اثبات فرمايو آهي ۽ انهن کي پنهنجي عقيدي طور بيان فرمائي اهل سنت و جماعت جا عقيدا قرار ڏنو آهي.

هتي مٿين عقيدن متعلق حضرت جن جي ملفوظات شريف جي عبارتن مان اسان جي ثبوت ڏيڻ جو هي مقصد آهي، ته جيڪڏهن مٿيان عقيدا واقعي قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ مشرڪانہ ۽ مبتدعانہ هجن ها ته، حضرت روضي ڈٹي جن جهڙو خدا رسيد و ڪامل ولي الله، عالي مرتبہ بزرگ هرگز انهن عقيدن کي صحيح قرار نہ ڏئي ها بلڪ جيئن ملفوظات شريف ۾ شريعت مطهره ۽ سنت نبوي عليٰ صاحبها الصلواة والسلام جي اتباع ۽ پيروي ڪرڻ جي تاڪيد ۽ تلقين فرمائي اٿن، تيئن واضح طور مٿين عقيدن جي (تائيد جي بجاءِ) مخالفت فرمائين ها. مگر حقيقت هي آهي ته حضرت جن ملفوظات شريف ۾ مٿين عقيدن جي پرپور تائيد فرمائي آهي. جيئن اڳتي سندن عبارتن مان معلوم ٿيندو. هت هي ڳالهہ ذهن ۾ رکڻي آهي ته جن عقيدن جي اڪابرين اسلام تائيد فرمائي آهي، تن تي عمل ڪرڻ سعادت عظميٰ آهي. انهن کان سواءِ ٻيا عقيدا هرگز صحيح نہ آهن، ڇاڪاڻ ته هن وقت هر شخص قرآن مجيد ۽ حديث شريف تي هلڻ جو مدعي بٹيو وينو آهي، تنهن ڪري هن افراتفري واري دور ۾ ايمان بچائڻ جي صرف هڪ ئي صورت آهي ته بزرگان دين جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي.

عقيدو صحيح رکڻ: عقيدو جيڪڏهن صحيح ۽ درست آهي ته عمل بہ قبول پوندو. ڇاڪاڻ جو عقيدو بنياد آهي ۽ اعمال ان جو فرع ۽ شاخون آهن، جي عقيدو ئيڪ نہ هوندو ته چگا عمل ڪيترا بہ ڪٹي هجن ۽ اخلاص سان ڇونہ ادا ڪيا وڃن، تڏهن بہ اهي قبول نہ آهن، انهن جو ڪوبہ ثواب ڪونہ ملندو ۽ نہ وري آخرت ۾ نجات ملندي، افسوس جو سادا مسلمان عقيدن جي درستگي ڏانهن ڌيان نہ ٿا ڏين، بلڪ هر

بدعقيده ۽ بدمذهب جي ڳالهين ٻڌڻ لاءِ وٽن ويهي رهندا آهن ۽ ان کي معمولي ڳالهه سمجهي نظر انداز ڪندا آهن، ۽ اهي روڪڻ تي وري چوندا آهن ته هر هڪ کي ٻڌجي ته ڇا ٿو چوي ۽ تنگ نظري نٿيڪ نه آهي، ٻڌڻ ۾ ڇا آهي؟ ليڪن تجربو شاهد آهي ته ان رواداري ۽ فراخدلي جو نتيجو اهو نڪرندو آهي، جو هر هڪ کي ٻڌندڙ آهستي آهستي نحوست سبب پاڻ بہ بد مذهبي ۽ بدعقيدگي جو شڪار ٿي ويندا آهن ۽ صحيح عقيدن واري دولت ۽ سعادت کان محروم رهجي پنهنجي ايمان جي دولت ۽ آخرت تباهه ڪري ڇڏيندا آهن. (جيئن هڪ واعظي سان، مجوسي دوست ڪيو!)

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جن مڪتوبات شريف ۾ فرمايو آهي "اگر معاذ الله مسلمان جي ڪنهن بہ هڪ ضروري عقيدي ۾ خلل پئجي وڃي ته اخروي نجات واري دولت کان محروم رهجي ويندو. (تنهن لاءِ) هر عقلمند مٿان پهريون فرض آهي ته، پنهنجا عقيدا اهل سنت و جماعت جي عقيدن موافق رکي ڇاکاڻ ته آخرت ۾ نجات پائيندڙ صرف اهو گروهه آهي. [1]

هاڻي حضرت پير سائين جن جي مسلڪ جي مختصر جهلڪ پيش ڪجي ٿي:

بشريت بابت سندن عقيدو: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي بشريت جو مسئلو عام موضوع بڻيل آهي، ان مسئلي تي تفصيل سان گفتگو ڪرڻ ۽ لکڻ جي ضرورت آهي، مگر اسين هتي صرف حضرت جن جي مسلڪ کي بيان ڪرڻ گهرون ٿا ته جيئن اصلي مسئلي جي مختصر مگر جامع وضاحت ٿي وڃي. اسان جي ملڪ جا نيم خوانده واعظي ٽائيپ جا ملان جن کي نه قرآن، نه حديث ۽ نه وري ڪنهن مستند ديني درسگاهه مان فارغ التحصيل هوندا آهن. صرف رسالن، اخبارن ۽ غير معياري مترجمن جي ڪتابن تان سنڌي اردو مضمون پڙهي، وڏا مبلغ اسلام، مناظر اسلام ۽ خطيب اعظم بڻجي، بشريت الرسول ﷺ جي مسئلي کي عوام الناس جي اڳيان چيڙي، اهڙا ناشائسته ۽ اڻ سوهائيندڙ لفظ ڪتب آڻيندا آهن جو پنهنجي ته عاقبت خراب ڪندا آهن، پر ان سان گڏ ويچاري عوام کي بہ مونجهاري ۾ وجهي گمراهه ڪندا آهن! ان مسئلي بابت حضرت پير سائين جن جو مسلڪ بلڪل صاف آهي. پاڻ فرمائين ٿا ته، (حضرت نبي ڪريم ﷺ کي پاڻ جهڙو بشر چوڻ ته پري جي ڳالهه آهي) جيڪڏهن مريد پنهنجي مرشد کي مخلوق ٿو سمجهي ته ان حقيقت ۾ مرشد کي پاڻ جهڙو ڪري سمجهيو، جو پاڻ بہ بشر آهي ۽ مرشد کي پاڻ جهڙو سمجهيائين، تنهن ڪري اهو ضروري معنوي فيض کان محروم رهجي ويندو ۽ ڪابہ ترقي نصيب ڪانہ ٿيندس. [2] حضرت پير سائين جن جي بقول ته مرشد کي پاڻ جهڙو بشر سمجهندڙ، بيشڪ معنوي فيض کان محروم رهجي ٿو وڃي ته پوءِ جيڪو سيد العالمين و امام المرسلين ﷺ جن کي پاڻ جهڙو بشر چوندو سو بلاشڪ ايمان جي دولت کان محروم رهجي

[1] مڪتوبات حضرت امام رباني، دفتر اول، مڪتوباب ۱۹۴.

[2] ملفوظات شريف ڪبير، باب ۴ فصل ۷.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ويندو! حضرت جن اڳتي مثنوي شريف جا هينان شعر پڙهي وڌيڪ وضاحت فرمائي آهي:

کافران دیدند احمدرا بشر
چون ندید ند ازوے شق القمر

(يعني ڪافرن جو حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ کي رڳو پاڻ جهڙو بشر ڪري ٿي سمجهيو، سو هن ڪري ته انهن جو عقل ايترو ڪوتاهه هيو جو، حضور ﷺ جن جي چنڊ چيرڻ جي حقيقت تي به غور ڪري نه سگهيا.)

زانکه او گف دید دریا راندید
زانکه حال دید فردا راندید

(انهن مت جي موڙهن جو اهڙو مثال آهي، جيئن ڪو سمنڊ جي گجي ته ڏسي پيو پر سمنڊ جي ڪا خبر ڪانه هجيس، يا وري اڄ ڏينهن جي حقيقت کي سمجهي، پر سياڻي جو پتو ڪونه پويس) ٻي ڪنهن بزرگ فرمايو آهي:

نه بشر خوانمت ای دوست نه حورو نه پری
این همه برتو حجاب است تو چیزی دیگری

(يعني اي دوست! توکي نه بشر سڏيان نه حور نه پري ڪري پايان ٿو! هي سڀ توتي حجاب آهن، تون ته وڃان شيءِ ئي ٻي آهي!)

عرس شريف ڪرڻ جو عمل: بي ادبن جي جهالت ۽ ضد سببان هي مسئلو به اختلافي بڻجي چڪو آهي. جڏهن ته سلف صالحين، بزرگان دين جو اڄ تائين هي معمول رهيو آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي آمد مبارڪ کي ساري جهان لاءِ نعمت عظميٰ سمجهي، ان جي خوشي ۾ عرس شريف جي خيرات ڪري، الله تعاليٰ جي هن حڪم: وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ (سورة الضحىٰ: آيت ١١) (اي پيارا حبيب) پنهنجي رب جي (شڪر گذاري لاءِ) سندس نعمت جو خوب چرچو ڪر. جي تعميل ڪندي عرس شريف ڪندا رهيا آهن ۽ عام مسلمان به سنا ۽ عمدا طعام تيار ڪري غريبن ۽ مسڪينن کي کارائيندا آهن ۽ ان فعل کي جائز ۽ باعث ثواب سمجهي صدين کان ان تي عمل ڪندا رهيا آهن! حضرت جن جو ان متعلق ارشاد آهي: اسان جي خوشين ۾ وڌي ۽ بهترين خوشي حضرت نبي پاڪ ﷺ جن جي جنمڻ جي خوشي ۾ عرس مبارڪ آهي. حضرت جن جي هي عادت مبارڪ هئي، جو عرس مبارڪ جي خوشي جڏهن فرمائيندا هئا، تڏهن فقيرن جي جماعت کي حويلي ۾ ونڊي وڃي طعام کارائيندا هئا ۽ فقيرن جا هٿ پنهنجي هٿن مبارڪن سان ڏٽاريندا هئا ۽ هر هڪ ايندڙ کي مرحبا ۽ خوش آمديد چوندا هئا ۽ عرق

گلاب جا ڇنڊا هر هڪ کي هٿندا هئا، ۽ بي انتها خوش ۽ بهار ٿيندا هئا، ۽ طعام کارائڻ کان پوءِ پنهنجن هٿن مبارڪن سان فقيرن کي هٿ ڏئاري ساڳي خوشي ۽ بهاري ۽ نيازمندي سان انهن کي اجازت ڏيندا هئا ۽ عرس شريف لاءِ قسمين قسمين طعام شادين کان ۽ وڌيڪ سنا ۽ سهٽا تيار ڪرائيندا هئا. [1]

پٽ ملفوظات شريف ۾ آهي: حضرت جن عرس مبارڪ جي طعام کي کائڻ ۾ خدا تعاليٰ جي رضامندي جو باعث ڄاڻندا هئا، جيئن: خليفو ميان لقمان رحمۃ اللہ علیہ نقل ٿو ڪري ته حضرت جن ڪنهن سفر تان درگاهه مبارڪ تي موٽيا هئا! ان ڏينهن عرس شريف واري مهيني جو پويون ڏينهن هيو، ڳوٺ جي ماڻهن عرس مبارڪ جون تمام گهڻيون دعوتون ڪيون هيون. پاڻ سڀ ڪنهن جي دعوت تي تشريف فرما پيو ٿيا. مولوي عبدالله ۽ خدمت مبارڪ ۾ ساڻ هيو، سو ٻن دعوتن وٺڻ کانپوءِ چوڻ لڳو ته حضرتا! هينئر مون کائي اهڙو ڏؤ ڪيو آهي، جو وڌيڪ کائڻ جي طاقت کانه اٿم. پاڻ فرمايائونس ته هن کان اڳ ۾ جيڪي کاڌو اٿو، سو رڳو نفس جي لاءِ هيو. باقي هينئر جيڪو کائيندين سو خدا کارڻ چئبو. [2]

غائبانہ مدد طلب ڪرڻ: اڇڪلهه هن مسئلي کي ۽ اختلافي بڻايو ويو آهي، جنهن ڪري نيم خوانده واعظي ملان، اهلسنت جماعت کي مشرڪ ۽ بدعتي چوندا آهن ۽ "اَلصَّلَوٰاةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ" چوڻ کان منع ڪندا آهن، پڻ يَا رَسُوْلَ اللهِ چئي استغاثه ڪرڻ کي ۽ شرڪ ڄاڻندا آهن، حالانڪ اڪابرين اهل سنت وڏ اهي ڳالهيون مستحسن آهن ۽ پنهنجي مريدن ۽ متعلقين کي انهن جو امر ڪندا رهيا آهن! حضرت جن جو ان متعلق ارشاد نقل ڪجي ٿو:

هيڪر پاڻ فرمايائون ته، اسان ظاهري علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ سفر جي تڪليف پاڻ تي سهي، ڪوٽڙي ڪبير واري مدرسي ۾ مخدوم ميان يار محمد جن وٽ علم جي طلب لاءِ وياسون، مسافريءَ جي تڪليف طبيعت تي ڏاڍي سخت لڳي، پوءِ هڪڙي رات، هڪ پير تي بيهي پنج هزار درود شريف پڙهي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي روح مبارڪ کي بخشي نهايت نيزاري ۽ عاجزي سان حضور ﷺ جن کان مدد گهري سون، ۽ عرض ڪيو سون ته يا رسول الله عليك الصلواة والسلام! سفر جي تڪليف واري ملولائي اسان تان دفع ٿئي ۽ عملن مان ۽ بهرياب ٿيون؟ پوءِ صلواة شريف جي پڙهڻ جي برڪت سان اهڙي صفائي حاصل ٿي وئي، جو اڻ پڙهيل ۽ پڙهيل جهڙو ٿي پيوسون. [3]

حضرت جن جي هن عمل مبارڪ ۽ فرمان مان ظاهر ٿيو ته حضور اڪرم ﷺ جن کان مدد

---

[1] ملفوظات شريف باب ۱۳ فصل ۵.

[2] ملفوظات شريف باب ۴ فصل ۹.

[3] ملفوظات شريف باب ۱ فصل ۳.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاهه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

طلب ڪرڻ ۽ سندن وسيلي سان دعا گهرڻ، پنهنجي حاجت روائي لاءِ ڪين فرياد ڪرڻ، ديني ڇاهي دنيوي مشڪلات جي حل لاءِ حضور ﷺ، جن جي ذريعي ۽ وسيلي سان دعا ڪرڻ بلڪل جائز ۽ درست آهي!

جسماني معراج: حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي مٿي مبارڪ وارين اڪين مبارڪن سان، معراج واري رات الله تعاليٰ جو ديدار ڪرڻ فرمايو! ان متعلق حضرت جن پنهنجي مڪتوبات شريف ۾ مڪتوب ۳۳ ۾ تفصيلي روشني وڌي آهي، مزيد تفصيل اتي ڏسڻ گهرجي. هت ملفوظات شريف مان سندن فرمان پيش ڪجي ٿو:

حضرت جن خليفي محمود رحمة الله عليه ڪي ارشاد فرمايو ته جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن جسماني معراج ڪيو ۽ ظاهري اڪين سان الله تعاليٰ جو ديدار ماڻيائون ته ساڳي رستي سان سندن خادم، سندن برڪت ۽ وسيلي سان (روحاني عروج واري هنڌ) حاضر ٿي سگهن ٿا. [1] حضرت جن جي هن فرمان مبارڪ مان حضور اڪرم ﷺ جن جي جسماني معراج ۽ الله تعاليٰ جي ديدار ڪرڻ جي شاهدي ملي ٿي!

پيران پير جي باس باسڻ: هن مسئلي جو اصل هي آهي ته اڪثر مسلمان باري تعاليٰ جي حضور ۾، حضرت پير دستگير غوث الثقلين رضي الله عنه جي وسيلي سان پنهنجي حاجتن ۽ ديني ۽ دنيوي مشڪلاتن جي حل ڪرائڻ لاءِ دعا گهري چوندا آهن ته يا الله! فلاڻي حاجت پوري ٿئي يا فلاڻي مشڪلات حل ٿئي ته اسان حضرت پير دستگير رضي الله عنه جي روح کي ثواب بخشڻ جي لاءِ، فلاڻي شيءِ خيرات ڪنداسون. پوءِ ان مطلب پوري ٿيڻ کان بعد، مسلمان پنهنجي باس پوري ڪرڻ وقت هن طرح چوندا آهن ته: نالي الله تعاليٰ ۽ نيت حضرت پيران پير دستگير جي، هيءَ شيءِ تقسيم ڪريون ٿا. دراصل اها صورت ايصال ثواب جي آهي، جيڪا بلاشڪ جائز ۽ درست آهي، ان مسئلي تي به حضرت جن جي ملفوظات شريف مان هڪ واضح ارشاد نقل ڪجي ٿو:

حضرت جن ارشاد فرمايو ته: حضرت مخدوم صاحب (پريالوئي) جن جي گهر وارن نذر باسيو هيو، ته جيڪڏهن ڍڳي کي گابي ڄائي ته پنج پئسا، حضرت پير دستگير جو نذر ڏيندیس! جڏهن گابي ڄائي ۽ حضرت ميان صاحب (حضرت جن جا والد محترم) حضرت مخدوم صاحب جن وٽ صحبت لاءِ ويا ته ان وقت اهي پنج پئسا نذر وارا، مخدوم صاحب اڇي حضرت ميان صاحب جي چادر جي پلو ۾ ٻڌا! ۽ ٻڌايائون ته هي پئسا حضرت پير دستگير رضي الله عنه جو نذر آهن، جيڪي اسان جي گهر وارن باسيا هئا، ته جيڪڏهن گابي ڄائي ته پيران پير جا پنج پئسا نذرانو ڏينداسون، سو هي اهي اوهان جي ڪپڑي جي پلو ۾ ٻڌا اٿئون؟ حضرت ميان صاحب اڳ ڇه ۾ ڪنهن کان به نذرانو نه ونڊندا هئا. مگر ان ڪانپوءِ

[1] ملفوظات شريف باب ۹ فصل ۳.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڪوبہ نڏرانو ڏيندو هيو تہ ان جو قبول ڪندا هئا. [1]

حضرت جن جي متئين طريقي سان حضرت پيران پير دستگير رحمۃ اللہ عليہ جي باس باسڻ بلڪل جائز آهي! ڇاڪاڻ جو عارف باللہ حضرت مخدوم محمد اسماعيل (پريالوئي) رحمۃ اللہ عليہ جن پاڻ باس وارا پنج پئسا ادا ڪندي، امام العارفين قدوة السالڪين حضرت ميان صاحب جن جي پلو ۾ ٻڌا، جنهن تي حضرت ميان صاحب جن ڪوبہ اعتراض نہ فرمايو ۽ ان واقعي کي حضرت پير سائين جن بہ پنهنجي ملفوظات ذريعي جواز جي حجت طور بيان فرمايو آهي ليڪن جملي موحدن ۽ واعظي ملن تہ ان مسئلي کي ڪٽي آسمان تي پهچائي شرڪ ۽ بدعت ٻڌايو آهي. اللہ تعاليٰ شال سمجهہ عطا فرمائي. آمين.

قبرن جي زيارت: اولياءَ اللہ جي قبرن جي زيارت باعث برڪت ۽ باطني فيض جو ذريعو آهي (پر عام مسلمانن جي قبرن تي وڃڻ بہ حديثن مان ثابت آهي) ان بابت حضرت جن جو عمل ۽ فرمان نقل ڪجي ٿو:

جامع ملفوظات خليفو محمود رحمۃ اللہ عليہ نقل ٿو ڪري تہ هيڪر حضرت جن ميان سائين جن جي مزار مبارڪ جي زيارت لاءِ آيا هئا! رات جو جڏهن فقير سمهي رهيا، تڏهن پاڻ حضرت ميان صاحب جن جي (مزار شريف) جي زيارت جي لاءِ ويا ۽ ساري رات اتي ترسيا. صبح جي نماز تي وري مسجد شريف ۾ آيا ۽ جماعت سان نماز ادا فرمائي. اشراق جي نفلن کان فارغ ٿي وري زيارت لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ آئون بہ ساڻن گڏ ويس. پاڻ اهڙي تہ ادب ۽ آهستگي ۽ نرمي سان دم بند ڪيو جو بيان کان ٻاهر آهي. آئون بہ هٿ ٻڌيون سندن ڪڍ پئي ويس، جڏهن زيارت ڪري ختمو ڏيئي اٿيا، تڏهن جٽي بينا پئي، اتي فرمايائون ٿي تہ هي قبر اسان جي فلاڻي قريب جي آهي ۽ هي فلاڻي جي آهي! اهڙي طرح سيني عزيزن جا نالا ونندا ختمو ڏيندا آيا. ڪٽي ويهي فاتحہ پئي پڙهيائون تہ ڪٽي بيني ئي ختمو پئي ڏنائون. [2]

پوئين پير واپس نڪرڻ: سلف صالحين ۽ اولياءَ ڪاملين جو چوڻ آهي تہ صاحب مزار جو جيئن سندس حياتي ۾ ادب ڪيو ويندو هيو، تيئن سندس مزار تي بہ ساڳي ادب سان وڃڻ گهرجي! ڇاڪاڻ جو ادب ذريعي ئي باطني فيض حاصل ٿيندو آهي. هٿ نوڪيا، نيم ملان هن مسئلي تي بہ اعتراض ڪندا آهن تہ، قبرن تان پوئين پير واپس اچڻ ۽ انهن ڏانهن پني نہ ڪرڻ شرڪ ۽ بدعت آهي، مگر ان بابت حضرت جن جو عمل اسان لاءِ مشعل راهہ آهي جيڪو هت پيش ڪجي ٿو:

هيڪر پاڻ روهڙي شريف مان ٿي موٽيا، موٽندي حضرت مخدوم صاحب جي زيارت لاءِ پريالوءِ شريف آيا. پاڻ روضي شريف اندر اچڻ شرط ادب ۽ نياز سان، جيئن ڪو پاڻ کي بي اختيار ڪٽي زمين تي اڇلائي، اهڙي طرح تمام رعب ۽ ادب سبان مزار شريف جي پيراندي کان اچي وينا.

---

[1] ملفوظات شريف ڪبير، باب ۱۲ فصل ۲.

[2] ملفوظات شريف باب ۴ فصل ۳.

سڪندريہ پبليڪشنز ۽ درگاہ شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

جامع ملفوظات رحمۃ اللہ علیہ ٿو چوي تہ آئون سندن پويان اچي وينس، پاڻ ختمي لاءِ ڪجھ بہ نہ پڙھيائون ۽ ٿوري دير صورت بي روح وانگر متوجہ ويھي اتان اٿيا ۽ پوئين پير ٻاھر نڪري آيا. [1]

قبرن تان فيض جو ماڻڻ: ھن مسئلي بابت بہ حضرت جن فرمائيندا ھئا تہ حضرت سلطان العارفين بايزيد بسطامي رحمۃ اللہ علیہ جن ھڪ پيري فرمايو ھيو تہ، مون کان گھٽي مدت کانپوءِ خرقان جي شھر ۾ ھڪ شخص پيدا ٿيندو، جيڪو ظاھري ۽ باطني ٻئي علم منھنجي قبر تان حاصل ڪندو. پوءِ جڏھن حضرت خواجہ ابو الحسن خرقاني رحمۃ اللہ علیہ ڄائو تہ ننڍڙائپ ۾ ئي حضرت سلطان العارفين جي قبر شريف تي اچي ظاھري ۽ باطني علم حاصل ڪيائين ۽ حضرت ابو الحسن خرقاني جي فرزند بہ ظاھري توڙي باطني علم سلطان العارفين کان حاصل ڪيو. [2]

مرشد جي صورت جو تصور: افسوس سان لکڻو ٿو پوي تہ ھاليجي وارا وھابي، پاڻ کي قادري راشدي سلسلي جا طالب چورائيندا آھن، مگر سلسلہ عاليہ جي شيخ المشائخ حضرت پير سائين روضي وارن جي طريقي جي ابتڙ مرشد جي تصور کي ڪوبہ مڃيندا آھن، جيئن سندن ڪتاب (مرشد ھاليجوي) جي صفحہ ۱۳ تي اھا ڳالھ لکيل آھي. مگر ان بابت حضرت جن جو ھڪ ارشاد مبارڪ نقل ڪجي ٿو:

محراب فقير سنجراڻي نقل ٿو ڪري تہ ھڪ پيري مون سندن خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا! ڪھڙو سبب آھي، جو ڪي فقير ذڪر جي تلاوت بہ گھٽي پيا ڪن ۽ حضور مبارڪ ۾ اچ وچ بہ گھٽي اٿن، پر منجھن باطني فيض جو ڪوبہ اثر ڪونہ پيو ڏيکارجي؟ تنھن تي پاڻ فرمايائون تہ اي يارا! رڳو ذڪر تہ ملان بہ گھٽو پيا ڪن ۽ اچ وچ ۽ پنڌ ۾ قاصد بہ رات ڏينھن مشغول رھن ٿا، ليڪن الله تعاليٰ جو وصال حاصل ٿيڻ لاءِ تہ نفساني سڌن جو ڪپجڻ ضروري آھي، سو ماڻھن کي نفساني سڌن ۽ حرص ھوا، اصلي مقصد کان روڪي ڇڏيو آھي، جن کان اھي روڪجن نہ ٿا. مون عرض ڪيو حضرتا! نفساني سڌن جي ڪپجي ويڃ جو ڪھڙو رستو آھي؟ پاڻ فرمايائون تہ مرشد جي صورت کي ھر وقت ڏيان ۾ رکڻ گھرجي. [3]

حضرت جن جي مٿئين فرمان مبارڪ مان ثابت ٿيو تہ باطني فيض لاءِ مرشد جي صورت جو تصور، ھر وقت ڏيان ۾ رکڻ گھرجي، پر جاھل ۽ فرضي موحد، ان کي شرڪ ۽ بدعت چوندا آھن، جنھن مان سندن گمراھي ۽ جھالت ثابت ٿئي ٿي.

---

[1] ملفوظات شريف باب ۴ فصل ۳.

[2] ملفوظات شريف باب ۱۰ فصل ۲.

[3] ملفوظات شريف باب ۴ فصل ۲.

گھٽين جاين تي ولين جو اچڻ: هن مسئلي کي وهابي ديوبندي قطعي شرڪ چوندا آهن، مگر حضرت جن ان بابت جيڪي فرمايو، سو هت پيش ڪجي ٿو:

خليفي غازي خان کان نقل آهي ته: جهل جي علائقي بلوچستان ۾ حضرت جن جي هڪ مريد جو انتقال ٿي ويو هيو، جيڪو ذڪر فڪر جو پابند هيو. ان کي دفن ڪرڻ وقت هڪ نقشبندي طريقي جو، صاحب ڪشف بزرگي ۽ موجود هيو، دفن کان پوءِ پيا هليا ويا، پر اهو نقشبندي بزرگ فوتي جي قبر جي احوال معلوم ڪرڻ جي لاءِ مراقبي ۾ ويهي رهيو، جنهن کي مراقبي ۾ ڏسڻ ۾ آيو ته ان فوتي شخص کي حضرت جن ونيِ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي حضور مبارڪ ۾ پهچائي ڇڏيو آهي، ان بزرگ کي ان نظاري ڏسڻ سببان تمام گھٽي حيرت ٿي، مگر اها ڳالهه ڪنهن سان ڪانه ڪيائين، ڪجهه عرصي کان پوءِ وري حضرت جن جي هڪ مريدياڻي فوت ٿي جيڪا ذڪر ۽ فڪر جي خاص پابند نه هئي، دفن ڪرڻ کان بعد سا ڳئي متئين نقشبندي بزرگ مراقبي ۾ ڏٺو، ان عورت کي ۽ حضرت جن جي برڪت سان حضور اڪرم ﷺ جن جي بارگاهه ۾ حاضري جي سعادت نصيب ٿي آهي. ان متئين حقيقت کلڻ کان بعد، ان بزرگ تي روچ ۽ وجد وارو حال طاري ٿي ويو، بعد ۾ اهو درويش ماڻهن کي وعظ ۾ چوندو هيو ته، حضرت جن جي جماعت جهڙي کابه جماعت نه آهي. الله تعاليٰ وٽ سندن مرتبو بلند آهي. توهان ۽ حضرت جن جي طريقي ۾ داخل ٿي ذڪر فڪر ۾ مشغول ٿيو. خليفو لقمان رحمه الله فرمائي ٿو ته حضرت جن ارشاد فرمايو هو ته اهو نقشبندي بزرگ اسان سان ملاقات ڪري، اسان کي متئين سڃي حقيقت پاڻ اچي بيان ڪري ٻڌائي هئي، ۽ هي به پڇيو هئائين ته اوهان هڪڙي وجود مبارڪ سان، مختلف دور دراز جاين تي ڪيئن تشريف آڻيندا آهيو؟

ان سوال جو اصلي جواب ته ان بزرگ جي سمجهه کان متي هيو، پر سندس سمجهه مطابق ڪيس هي جواب ڏنوسين، ته ولين کي قدرت جي طرفان گھٽن وجودن اختيار ڪرڻ جي طاقت هوندي آهي، پوءِ اهي جنهن به وجود سان جنهن جاءِ تي دل گھرين ته حاضر ٿي سگھن ٿا. [1]

مرشد ونڊ مان فائدو: طريقت ۾ ڪامل مرشد ونڊ لازمي آهي، مگر معرفت جي واٽ کان بي خبر ملان، انهيءَ کان به منع ڪندا آهن، ۽ چوندا آهن ته هر ڪنهن کي پنهنجا عمل ڇڏائين! ان بابت حضرت جن فرمايو آهي، جڏهن ڪامل ۽ مڪمل مرشد پاڻ دوزخ جي عذاب کان حفاظت ۽ امن ۾ آهي (پوءِ) جيڪڏهن سندس مريدن کي دوزخ اندر عذاب ڪيو وڃي ته اهڙي مرشد ونڊ مان ڪهڙو فائدو؟ [2]

اولياءَ الله کان مدد گھرڻ: هن مسئلي تي به وهابين کي اعتراض آهي، چوندا آهن ته ولين کان مدد گھرڻ شرڪ آهي، حضرت جن جو مسلڪ يقيناً شرڪ کان پاڪ هيو. اچو ته ان بابت سندن فرمان

---

[1] ملفوظات شريف ڪبير باب ۽ فصل ۳.

[2] ملفوظات شريف ڪبير باب ۽ فصل ۳.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري

ڏسون:

هيڪر پاڻ ديهه سالار واقع هالن ۾ نظاماٽي فقيرن جي عرض تي، سندن عزيزن جي مقبرن تي دعا لاءِ هليا، اهو مقام شهيدن جو مقام سڏبو هو، پاڻ اڳ ۾ شهيدن جي مقبرن ڏانهن هلڻ لڳا، فقيرن عرض ڪيو ته حضرتا! اسان جي عزيزن جا مقبرا هن طرف آهن، تنهن تي پاڻ فرمايائون ته پهريان مقام جي صاحب جي زيارت ڪرڻ گهرجي، پوءِ پاڻ شهيد سڳوري جي مقبري ڏانهن متوجه ٿي وينا ۽ ڪجهه تلاوت فرمائي هٿ مبارڪ کٽي، دعا گهريائون. ٻاهر اچڻ کان بعد فقيرن عرض ڪيو ته حضرتا! ٻن ٻيرن دعا گهرڻ جو ڪهڙو سبب هيو؟ پاڻ فرمايائون ته هڪ ٻيرو ختمو ڏيڻ جي لاءِ هٿ کنياسون، ۽ ٻيو ٻيرو مقبري وارن (شهيدن) جي برڪتن جي طفيل دعا گهرڻ لاءِ هٿ کنياسون!

جامع الملفوظات ﷺ لکي ٿو ته مون کي قبرن وارن کان دعا گهرڻ جو اعتقاد نه هوندو هيو. سندن هن ڪلام ٻڌڻ کانپوءِ سندس ئي توجه سان حق معلوم ٿي ويو ۽ پاڻ فرمايائون ته: اولياءَ ڪرام جا معنوي اعيان حقائق (روحاني پاور) جيئن سندن حياتي مبارڪ ۾ آهن. تيئن سندن رحلت کانپوءِ به بدستور قائم آهن ۽ انهن کان مدد ونڻ گهرجي. [1]

ناظرين ڪرام کي مٿين تحرير مان معلوم ٿي ويو هوندو ته حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏڻي جن جي مسلڪ مبارڪ ۽ وهابين جي مسلڪ ۾ زمين آسمان جيترو فرق آهي! ۽ اهل سنت و جماعت جو مسلڪ حضرت جن جي مسلڪ سان بلڪل ٺهڪي اچي ٿو. بشريت، عرس، شريف حضور اڪرم ﷺ کان مدد طلبڻ، جسماني معراج، حضرت پير دستگير جي باس باسڻ، ولين جي قبرن جي زيارت ڪرڻ، زيارت کان پوءِ، پوئين پير واپس اچڻ، ولين جي قبرن تان فيض ملڻ، مرشد جي صورت جو تصور ڪرڻ، ولين جو هڪ ئي وقت گهڻين جاين تي اچڻ، مرشد ونڻ ۽ اولياءَ الله کان مدد گهرڻ بابت اهل سنت جي عقيدي جي، حضرت پير سائين جن جي هن واضح ڪيل مسلڪ مبارڪ سان تصديق ۽ تائيد ٿي وڃي ٿي.

وَاللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ

[1] ملفوظات شريف باب ۱ فصل ۴.

سڪندريه پبليڪشنز ۽ درگاه شريف حضرت پيرسائين پاڳارا : طالب دعا: ع ق سڪندري